بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ ۝ فِيْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ ۝

قرآن مجيد


حضرت مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه

جي فارسي ترجمه قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو

مترجم : مولانا سعيد احمد ٻٽو

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو - سنڌ



بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ ﴿٢١﴾ فِيْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ ﴿٢٢﴾

قرآن مَجِيدُ

حضرت مخدوم نوح سرور رحمه الله عليه

جي فارسي ترجمه قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو

مترجم : مولانا سعيد احمد ڀٽو

سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو - سنڌ

چاپو پهريون	سيپٽمبر 2011ع	تعداد هڪ هزار
چاپو ٻيون	جون 2017ع	تعداد هڪ هزار

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www.sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچيءَ مان مسٽر الهڏتو وگهيو، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

قرآن مجيد جي سورتن جي فهرست

قرآن مجيد جون فضيلتون

(١) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ پنهنجن گهرن کي قبرستان نہ بڻايو.

(٢) بيشڪ شيطان انهيءَ گهر کان نفرت ڪندو آهي، جنهن ۾ سورة البقره پڙهي وڃي ٿي.
(صحيح مسلم)

(٣) حضرت ابوامامه رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌو تہ قرآن پڙهو، ڇاڪاڻ تہ قيامت جي ڏينهن قرآن پنهنجن دوستن لاءِ شفاعت ڪندو. ٻن نوراني سورتن البقرة ۽ آل عمران کي پڙهندا ڪريو، ڇاڪاڻ تہ اهي ٻئي قيامت جي ڏينهن ائين ايندي ون جڻ تہ ٻہ ڪڪر، يا ٻہ ڇنبو، يا قطارن ۾ اڏامندڙ پکين جا ولر آهن. اهي ٻئي سورتون پنهنجن دوستن لاءِ جهڳڙو ڪنديون. سورة البقرة کي پڙهندا رهو، ڇاڪاڻ تہ ان جي پڙهڻ ۾ برڪت آهي ۽ ان کي ڇڏي ڏيڻ وڏو افسوس جو ڪم آهي ۽ جيڪي ماڻهو سست هوندا آهن، اهي ئي ان کي پڙهي نہ سگهندا آهن. (صحيح مسلم)

(٤) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن جي دل ۾ قرآن جو ڪو ڀاڱو نہ آهي، اهو ويران جاءِ وانگر آهي. (ترمذي شريف)

(٥) حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ قرآن پڙهندڙ ۽ ان تي عمل ڪندڙ کي (قيامت جي ڏينهن) چيو ويندو تہ قرآن پڙهندو وڃ ۽ مٿانهن درجن تي چڙهندو وڃ ۽ پلي ائين آهستي آهستي پڙهندو وڃ، جيئن دنيا ۾ پڙهندو هئين. تنهنجي آخري منزل، پڇاڙيءَ واري آيت وٽ آهي. (احمد، ترمذي، ابوداؤد)

(٦) حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن قرآن جو هڪڙو اکر پڙهيو، ان کي هڪڙي نيڪي ملندي ۽ هڪڙي نيڪيءَ جو اجر ڏهوڻون آهي. آءٌ نٿو چوان تہ "الم" هڪڙو حرف آهي، بلڪ الف هڪڙو اکر آهي، لام ٻيو اکر آهي ۽ ميم ٽيون اکر آهي. (ترمذي ۽ دارمي)

(٧) حضرت ابوسعيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ جيڪو شخص قرآن شريف پڙهي ٿو ۽ ان کان سواءِ ٻيا ذڪر اذڪار نٿو ڪري ۽ نہ وري مون کان دعا گهرڻ جي فرصت نصيب ٿئيس ٿي، تنهن کي آءٌ گهرندڙن کان وڌيڪ ڏيندو آهيان. الله تعالىٰ جي ڪلام جي فضيلت ٻين ڪلامن تي ائين آهي، جيئن الله تعالىٰ کي پنهنجي مخلوق تي فضيلت حاصل آهي. (ترمذي، دارمي ۽ بيهقي)

(٨) حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته قرآن ۾ هڪڙي سورت آهي، جنهن جون ٽيهه آيتون آهن، اها پنهنجن پڙهندڙن جي لاءِ شفاعت ڪندي، تانجو نيٺ انهن کي بخشائيندي ۽ اها سورة تبارک الذي بيده الملک آهي.
(احمد، ترمذي، ابوداؤد، نسائي ۽ ابن ماجه)

(٩) حضرت ايقع بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي ته هڪڙي شخص چيو ته يا رسول الله! ﷺ قرآن جي سورتن ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪنهن جو درجو آهي؟ پاڻ فرمايائون ته قل هو الله احد جو. وري انهيءَ شخص پڇيو ته قرآن جي آيتن مان سڀ کان وڏيڪ درجي واري ڪهڙي آيت آهي؟ پاڻ فرمايائون ته آية الکرسي (الله لا الـه الا هو الحي القيوم). وري عرض ڪيائين ته پوءِ ڪهڙي آيت کي وڏيڪ پيارو رکو ٿا؟ جنهن جو اوهان کي ۽ توهان جي امت کي وڏ ۾ وڏ ثواب پهچي؟ فرمايائون ته سورة البقرة جي پڇاڙيءَ واريون آيتون، جو ته اهي الله جي انهن خزانن مان آهن، جيڪي عرش جي هيٺان آهن، جيڪي الله تعالىٰ هن امت کي ڏنيون آهن. دنيا ۽ آخرت جي ڪا ڀلائي اهڙي نه آهي، جيڪا انهن ۾ نه آهي. (دارمي)

(١٠) انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته بيشڪ ماڻهن مان ڪي اهل الله آهن. عرض ڪيائون ته يا رسول الله ﷺ، اهي ڪير آهن؟ فرمايائون ته قرآن وارا الله جا اهل ۽ ان جا خاص ٻانها آهن. (مستدرک حاکم، تفسير قرطبي ۽ ابن ماجه)

(١١) ام المؤمنين عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته نبي ﷺ جن فرمايو ته جيڪو شخص قرآن پڙهي ٿو ۽ اهو ان جو حافظ يعني ان کي ياد رکندڙ به آهي، اهو (قيامت جي ڏينهن) وڏن مرتبن وارن معزز فرشتن سان گڏ هوندو ۽ جيڪو شخص قرآن مجيد پڙهي ٿو ۽ مٿس ان جو پڙهڻ ڏکيو آهي، ان لاءِ ٻه اجر آهن. (صحيح بخاري، صحيح مسلم)

(١٢) حضرت عبد الله بن بريده اسلمي رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جنهن شخص قرآن پڙهيو ۽ ٻين کي سيکاريو ۽ ان تي عمل ڪيائين قيامت جي ڏينهن ان کي نور جو تاج پارايو ويندو، جنهن جي روشني سج جي روشنيءَ کان به وڏيڪ سهڻي ۽ شفاف هوندي ۽ ان جي ماءُ پيءُ کي اهڙا ٻه وڳا پارايا ويندا، جو پوري دنيا جون نعمتون به انهن جي سامهون حقير هونديون. اهي چوندا ته اسان کي هي وڳا ڪهڙي سبب جي ڪري پارايا ويا آهن؟ انهن کي چيو ويندو ته تنهنجي پٽ جي قرآن مجيد کي پڙهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪري.
(مستدرک علي الصحيحين للامام الحاکم. شعب الايمان للامام بيهقي. التمهيد لابن عبد البر)



مهاڳ

علامه مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي رحمة الله عليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ مُلْهِمِ الْحِكْمَةِ وَالصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی نَبِيِّ الرَّحْمَةِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَآلِهِ وَصَحْبِهِ وَالْاَئِمَّةِ اَجْمَعِيْنَ

جاڻ گهرجي تہ وحيءَ جي شروعات غار حرا، مکي پاڪ ۾ سورة العلق جي پهرين (پنجن) آيتن جي لهڻ سان ٿي. پوءِ پيغمبر پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن مکه مکرمه مان مديني منوره هجرت ڪري آيا. قرآن مجيد جو ڪجهه حصو مکي ۾ هجرت کان اڳ لٿو تہ ڪجهه حصو مديني ۾ هجرت کان پوءِ نازل ٿيو. ڪن روايتن ۾ آهي تہ پيغمبر سڳوري ﷺ جي وصال کان اڪياسي ڏينهن اڳ، سال ١١ هجريءَ ۾ آخري آيت لٿي. غرض تہ قرآن مجيد نبوت جي ٢٣ سالن جيپوري عرصي ۾ (ٿورو ٿورو ٿي) لهندو رهيو. انهيءَ طريقي سان قرآن مجيد جي لهڻ جو مقصد هڪ طرف قرآن مجيد جي تاثير ۽ اعجاز کي مستحڪم ڪرڻ هو تہ ٻئي طرف انهيءَ ۾هيءَ حڪمت هئي تہ عربن کي قرآن عظيم جي تعليم ۽ امر ۽ نهيءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ (آهستي آهستي) تيار ڪجي.

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي زماني ۾ قرآن جو جمع ٿيڻ:

رسول الله ﷺ جن جي لاڏاڻي کان پوءِ قرآن مجيد هڪ طرف تہ پاڻ سڳورن جي ساٿين جي حافظي ۾ ياد هو تہ ٻئي طرف اهو لکيل حالت ۾ موجود هو. اها لکت پٿر جي تختين، ڪاٺ جي فرحين، هڏين ، کلن ۽ ڪجيءَ جي تڏين تي موجود هئي. جڏهن حضرت ابوبڪر رضي الله عنه خليفو ٿيو ۽ سندس زماني ۾ اصحابن سڳورن جون مرتدن سان جنگيون لڳيون تہ (مسيلمه ڪذاب جي خلاف) يمامه جي جنگ ۾ گهڻا قاري سڳورا شهيد ٿيا. حضرت عمر رضي الله عنه، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي چيو تہ جنگ يمامه ۾ گهڻا اصحابي سڳورا شهيد ٿيا آهن ۽ امڪان آهي تہ اهڙيءَ طرح ٻين جنگين ۾ بہ قرآن مجيد جا حافظ حضرات شهيد ٿيندا ويندا، جنهن جي نتيجي ۾ قرآن مجيد باقي نہ رهندو، تنهن ڪري مناسب آهي تہ قرآن مجيد کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو وڃي.

شروع ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کي سندس اها تجويز پسند نہ آئي. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ جنهن ڪم کي نبي اڪرم ﷺ جن پاڻ سرانجام نہ ڏنو، اهو آءٌ ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ آخرڪار حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي بار بار توجه ڏيارڻ تي، حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه جي دل انهيءَ ڪم لاءِ کلي وئي ۽ پاڻ حضرت عمر رضي الله عنه جي راءِ سان اتفاق ڪيائين ۽ حضرت زيد بن ثابت رضي الله عنه جي نگرانيءَ هيٺ تدوين قرآن جو عظيم ڪارنامو سرانجام ڏنائين، تانجو باقاعده قرآن مجيد جو هڪ جامع نسخو تيار ٿي ويو.

(ٽئين خليفي حضرت عثمان رضي الله عنه جي زماني ۾) قرآن مجيد جي قرآئتن (يعني قرآن پڙهڻ جي طريقن) ۾ اختلاف زور وٺي ويو. اهو درحقيقت لهجن جو فرق هو، ڇاڪاڻ تہ الله جو ڪتاب اختلاف کان پاڪ آهي. تانجو آرمينا ۽ آزربائيجان جي جهاد جي محاذ تي گهڻا قاري هئڻ سبب، هرهڪ جي قراءت ۾ اختلاف نظر آيو، ان ڪري شام ۽ عراق جي اسلامي فوجي ڪيمپ ۾ انهيءَ مسئلي تي ڪافي ڏڦيڙ پيدا ٿي پيو. حضرت حذيفه بن يمان رضي الله عنه عراقي فوج ۾ هو، انهيءَ جڏهن اهو ڏيک اکين سان ڏٺو تہ حضرت عثمان رضي الله عنه وٽ اچي، اهو واقعو بيان ڪيائين. عثمان رضي الله عنه کي اڳ ۾ ئي معلوم هو تہ قرآن پڙهڻ جي طريقن (يعني قرآئتن) متعلق مسلمانن ۾ اختلاف موجود آهي، تنهن ڪري پاڻ رسول الله ﷺ جن جي ساٿين کي گڏ ڪري،انهن کان نئين سر قرآن مجيد کي مرتب ڪرڻ لاءِ مشورو ورتائين. آخرڪار اها راءِ بيني تہ ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي جمع ڪيل قرآن مجيد واري نسخي کي بنياد بنائي، نئين سر قرآن مجيد مرتب ڪيو وڃي. حضرت عثمان رضي الله عنه اهو قرآن ام

المؤمنين حضرت حفصه رضي الله عنها کان ورتو ۽ زيد بن ثابت ۽ عبدالله بن زيد ۽ سعيد بن عاص ۽ عبدالرحمـٰن بن حارث - رضي الله عنهم- کي طلب ڪيائين ۽ ڪين چيائين ته جتي توهان جو زيد بن ثابت رضي الله عنه سان قرآن جي پڙهڻ ۾ اختلاف پيدا ٿئي، ان کي قريش جي ٻوليءَ ۾ لکو، ڇاڪاڻ ته قرآن مجيد قريش جي ٻوليءَ ۾ نازل ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح حضرت عثمان رضي الله عنه جي نگرانيءَ هيٺ قرآن مجيد جا ست نسخا مرتب ٿيا ۽ پاڻ هر نسخو، هر صوبي ۾ ڏياري موڪليائون، يعني هر هڪ: مڪه مڪرمه، شام، يمن، بحرين، بصره ۽ ڪوفه ڏانهن ۽ هڪ نسخو مديني ۾ رکيو ويو، جنهن کي "امام" جو نالو ڏنو ويو، يعني اصلي نسخو.(١)

قرآن مجيد جي تفسير جا شرطَ:

جيڪو بہ شخص قرآن مجيد جي تفسير ڪرڻ گهري، تنهن لاءِ ضروري شرط آهي ته پهريائين قرآن مجيد کي قرآن جي ذريعي پڙهي. ڇاڪاڻ ته قرآن جو هڪ مضمون يا موضوع، هڪ هنڌ مجمل (يعني شرح ۽ سمجهاڻي جو محتاج) هوندو آهي ته ٻئي هنڌ مفصل (يعني شرح ۽ سمجهاڻي سان) هوندو آهي. يعني ٻئي هنڌ ان جو تفسير موجود هوندو آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن کي وڌيڪ تحقيق ۽ تلاش گهربل هجي ته پوءِ رسول الله ﷺ جن جي سنت مبارڪه مان فيض حاصل ڪري، ڇاڪاڻ ته سنت رسول ﷺ، در اصل قرآن مجيد جي شرح ۽ وضاحت آهي. امام شافعي فرمائي ٿو ته رسول الله ﷺ جن جيڪي ڪجهه ارشاد فرمايو آهي،ان جو مفهوم قرآن مجيد ۾ موجود آهي. ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

إِنَّآ أَنزَلْنَآ إِلَيْكَ ٱلْكِتَٰبَ بِٱلْحَقِّ لِتَحْكُمَ بَيْنَ ٱلنَّاسِ بِمَآ أَرَىٰكَ ٱللَّهُ (٢)

(بيشڪ اسان تو ڏانهن حق سان ڪتاب لاٿو، ته جيئن الله توکي ڏيکاريو آهي، تيئن ماڻهن جا فيصلا ڪرين.)

۽ نبي ڪريم ﷺ جن پاڻ فرمايو آهي تہ:أَلَآ إِنِّيٓ أُوتِيتُ ٱلْقُرْآنَ وَمِثْلَهُۥ مَعَهُۥ (ٻڌو! مون کي قرآن ۽ ان سان گڏ اُن جهڙو ٻيو بہ ڏنو ويو آهي.)

۽ انهيءَ مان مراد سنت رسول ﷺ آهي.جيڪڏهن ڪو مسئلو سنت رسول ﷺ ۾ موجود نہ هجي ته پوءِ اصحابن سڳورن جي قولن ۽ احوال ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهي هن ڳالهہ جا وڌيڪ حقدارآهن ته ان ڏس ۾انهن کان رهنمائي ونجي. جو انهن قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ جو زمانو ۽ حالتون ڏٺيون ۽ الله تعاليٰ ڪين پوري سمجهہ، صحيح علم ۽ صالح عمل جي توفيق عطا فرمائي. امام حاڪم مستدرڪ ۾ لکي ٿو ته صحابي سڳوري جنهن وحي نازل ٿيڻ جو زمانو ڏٺو آهي، تنهن جي تفسير جو حڪم مرفوع حديث جو آهي.

تفسير ڪرڻ لاءِ ٻيو شرط عقيدي جي درستي آهي. ڇاڪاڻ ته ممڪن آهي ته قرآن جي تفسير ڪندڙ شخص تي ٻي دينيءَ جو الزام هجي ۽ اهو فتنو فساد پکيڙيندڙ هجي.

مفسر لاءِ ٽيون شرط هي آهي ته نبي ڪريم ﷺ جي حديث ۽ اصحابن سڳورن جي اثرن يعني قول ۽ فعل، پڻ تابعين ۽ تبع تابعين جي قولن جي ڄاڻ رکي. جيڪڏهن سندن قول جدا جدا هجن ته انهن ۾ موافقت ۽ مطابقت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. جيڪڏهن اها ڳالهہ ممڪن نہ هجي ته استدلال ڪندي ڪنهن هڪ جي قول کي ترجيح ڏي، پر جيڪڏهن اختلافي مسئلن ۾ دليل بہ هڪ جهڙا هجن، تانجو ڪنهن هڪ قول يا دليل کي ترجيح ڏئي نہ سگهجي، يا انهيءَ آيت جي معنيٰ متس مشتبه هجي ته انهيءَ حالت ۾ڪنهن معنيٰ کي مقرر ڪرڻ کان سواءِ هي عقيدو رکي ته مجمل ۽ متشابہآيت جي صحيح معنيٰ الله ئي ڄاڻي ٿو.

چوٿون شرط هي آهي ته سچائيءَ جي صفت اختيار ڪري ۽ اها تڏهن ممڪن آهي جڏهن سندس دل ۾ دنيا کان بي رغبتي موجود هوندي.علامه سيوطي "الاتقان" ۾ شيخ الاسلام ابن تيميه جو قول نقل ڪري ٿو ته مفسر لاءِ ضروري آهي ته قرآن مجيد جي تفسير ائين ڪري جيئن نبي ﷺ جن پنهنجن ساٿين جي سامهون بيان ڪندا هئا. اهو ئي مطلب آهي هن آيت سڳوريءَ جو: لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ إِلَيْهِمْ (جيئن ماڻهن لاءِ قرآن کي بيان ڪرين جيڪو انهن ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي.)

(١) المقدمتان للقرآن طبع مصر

(٢) سورة النساءِ آيت: ١٠٥

ابوعبدالرحمــن سلمي چوي ٿو تہ اسان کي هڪ شخص ٻڌايو. جيڪوعثمان بن عفان ۽ عبدالله بن مسعود رضي الله عنهما وغيرهما وانگر قرآن پڙهندو هو تہ اهي اصحابي سڳورا نبي ﷺ کان ڏهن کان وڌيڪ آيتون نہ سکندا هئا. تانجو جيستائين انهن آيتن جي معنيٰ سکن ۽ ان تي عمل ڪن. تنهن ڪري ڪين هڪ هڪ سورت کي ياد ڪرڻ ۾ ڪافي عرصو لڳي ويندو هو. حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه سٺن سالن ۾ قرآن مجيد ياد ڪيو. (موطا)

الله تعاليٰ فرمائي ٿو: اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْآنَ (ڇا اهي قرآن ۾ غور نٿا ڪن.) ۽ الله جي ڪلام ۾ غور ڪرڻ انهيءَ وقت ممڪن آهي. جڏهن ان جي معنيٰ ۽ مطلب کي سمجهجي ۽ جيڪڏهن ماڻهو قرآن مجيد کي تشريح ۽ تفصيل سان نہ سمجهندو تہ ان جو مقصد حاصل نہ ٿيندو. جيئن مختلف علمن ۽ فنن جهڙوڪ: طب ۽ رياضي جو حال آهي تہ جيستائين انهن موضوعن ۽ مضمونن جي گهرائي ۾ نہ وڃبو ۽ پوري ڇاڻ حاصل نہ ڪبي. ان وقت تائين ان کي سمجهي نہ سگهبو. خصوصاً هن ڪري بہ تہ قرآن مجيد تي دنيا ۽ آخرت ٻنهي جهانن جي ڪاميابي. ٻنهي جهانن جي نجات. پوري انسان ذات جي نيڪ بختي جو دارومدار ۽ دين ۽ دنيا جي درستگيءَ جو دارومدار آهي. اهو ئي سبب آهي تہ اصحابن سڳورن ۾ قرآن مجيد جي تفسير جي باري ۾ نالي ماتر اختلاف هو ۽ اصحابن سڳورن جي پيٺ ۾ تابعين ۾ اهو اختلاف وڌيڪ نظر اچي ٿو. پڻ سندن اهو بيان ڪيل اختلاف بہ گهڻو ڪري لفظي هوندو هو ۽ انهن جي بيان ڪيل معنيٰ ۽ مراد برابر هوندي هئي. مثلاً "الصراط المستقيم" مان ڪي قرآن مجيد (پڙهڻ) مراد ونن ٿا ۽ ڪي قرآن جي پيروي ڪرڻ مراد ونن ٿا ۽ ڪي چون ٿا تہ بلڪ ان مان مراد اسلام آهي. ڏنو وڃي تہ درحقيقت اهي سڀ قول متفق عليه آهن. ڇاڪاڻ تہ اسلام نالو آهي قرآن مجيد جي پيرويءَ جو. پر هر شخص انهيءَ جي تفسير پنهنجي پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪندو هو. (۱)

متشابہ آيتن جي تفسير:

(اها ساڳي هلت حضرت خواجه عبدالله انصاري (۳۹۶هہ - ۱۰۷۱ع) جي علمي ادبي ۽ عرفاني تفسير "ڪشف الاسرار وعدة الابرار" (فارسي) ۾ ملي ٿي. جيڪو ڏهن جلدن ۾ آهي. جنهن کي سندس شاگرد ابوالفضل رشيد الدين مبتدي سال ۵۲۰هہ،۱۱۲۶ع ۾ تاليف ڪيو. قرآن مجيد پنهنجين آيتن کي ٻن قسمن ۾ ورهائي ٿو: ۱- جيڪي آيتون محڪم آهن. ۲- جيڪي آيتون متشابہ آهن. اڪثر اهل علم حضرات متشابہ آيتن ۾ بحث ڪرڻ کي ناممڪن خيال ڪن ٿا ۽ حق بہ اهوئي آهي تہ اڄ تائين متشابہ آيتن جي ڪا قطعي ۽ واضح معنيٰ بيان ٿي نہ سگهي آهي. وري هي عقيدو رکڻ تہ قرآن مجيد جي متشابہ آيتن جي معنيٰ ۽ مطلب کي انساني عقل سمجهڻ کان عاجز آهي. اهو هڪ اهڙو عقيدو آهي. جنهن جي ڪري وچٽري سوچ سمجهہ رکڻ وارا ماڻهو شڪ شبهي ۽ وهم ۾ پئجي وڃن ٿا.

حضرت مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه پنهنجي قرآن مجيد جي فارسي ترجمي ۾ انهيءَ خيال جي ابتڙ جيڪو عوام ۾ مشهور آهي. سيني متشابہ آيتن جي تفسير ۽ تشريح ڪئي آهي. جيئن هن ترجمي مان روشن ٿيندو. شاه ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه جي ڪتاب " الخير الڪثير" جو ڏهون خزانو پڻ اهڙين معنوي تحقيقات ۽ اسرار تي مشتمل آهي. جنهن مان اهي حضرات فيض ۽ فائدو پرائي سگهن ٿا. جيڪي علم ۾ پڪا پختا آهن.

اسان جو شيخ علامه عبيد الله سنڌي رحمة الله عليه فرمائيندو هو تہ مڪي پاڪ ۾ رهڻ جي زماني ۾ اسان جي اٽ ويهہ گهڻو ڪري انهن عالمن سان ٿيندي هئي. جيڪي شيخ الاسلام علامه حافظ تقي الدين احمد بن عبد الحليم (عرف) ابن تيميه (متوفي سن ۷۲۸هہ) جي امامت جا قائل هئا ۽ سندن لاڙو ظاهري. شافعي ۽ حنبلي مسلڪ ڏانهن هو. انهن عالمن کي وهم هوندو هو تہ متشابہ آيتن ۾ بحث ڪرڻ. دراصل فتني ۽ فساد جي دروازي کي کولڻ آهي ۽ انهن آيتن جو يقيني علم ڪنهن لاءِ ممڪن نہ آهي ۽ سندن مقصد هي هو تہ اسان حرم پاڪ ۾ طالبن کي شاه ولي الله جي فلسفي جي دعوت ۽ تعليم نٿا ڏئي سگهون. ڇاڪاڻ تہ شاه صاحب متشابهات جي باري ۾ بحث ڪيو آهي ۽ اها ڳالهہ سندن اصول جي ابتڙ آهي. اسان کي ڪجهہ پريشاني ٿي. اتفاق جي ڳالهہ آهي تہ اسان کي قل هو الله جي

(۱) الاتقان علامه سيوطي قلمي آخري بحث

تفسير (از ابن تيميه مطبوع مصر) ملي وئي، ان کي پڙهي اسان کي سخت حيرت ٿي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ تفسير ۾ حافظ ابن تيميه پڻ مٿي بيان ڪيل خيال کي سختي سان رد ڪيو آهي ته متشابه آيتن جي تفسير ڪرڻ ممڪن نه آهي، ڇاڪاڻ ته انهن جو حقيقي علم رڳو الله وٽ آهي. متشابهات جي معنيٰ نه ڄاڻڻ جي مسئلي جو بنياد سورة آل عمران آيت۳ تي آهي: وَمَا يَعْلَمُ تَأْوِيلَهُ إِلَّا اللَّهُ "۽ انهن متشابه آيتن جي معنيٰ، مطلب الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو به نٿو ڄاڻي." ۽ هيءَ ڳالهه تڏهن صحيح ثابت ٿيندي، جڏهن بيان ڪيل آيت ۾ لفظ "الله" تي وقف ڪجي.(۽ قرآن مجيد ۾ اتي هڪ نه پر ٽي وقف آهن، يعني: ا- وقف النبي ﷺ ۲- وقف منزل ۳- وقف لازم. تنهن ڪري انهيءَ آيت جو صحيح مطلب اهوئي ٿيو ته واقعي متشابه آيتن جو مطلب الله کان سواءِ ڪوبه نٿو ڄاڻي. مترجم) پر جيڪڏهن "وَالرَّاسِخُونَ فِي الْعِلْمِ" تي وقف ڪجي ته پوءِ آيت سڄوري جي معنيٰ هيءَ ٿيندي ته متشابه آيتن سڄورين جي معنيٰ ۽ مطلب اهي ماڻهو به ڄاڻن ٿا، جيڪي علم ۾ پڪا، پختا آهن. حافظ ابن تيميه پڇي ٿو ته رسول الله ﷺ جن کي متشابه آيتن جو علم هو يا نه؟ پڻ جبريل امين عليه السلام انهن آيتن جو مقصد ڄاڻندا هئا يا نه؟ جيڪڏهن انهيءَ سوال جو جواب "نه!" ۾ آهي ته پوءِ ٻيو سوال هي پيدا ٿئي ٿو ته پوءِ متشابه آيتن جي نازل ٿيڻ مان ڪهڙو فائدو آهي؟

شيخ الاسلام پنهنجي رساله "الاڪليل" ۾ لکي ٿو: وَمَا يَعْلَمُ تَأْوِيلَهُ إِلَّا اللَّهُ ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته(انهن متشابه آيتن جي معنيٰ الله کان سواءِ ڪوبه نٿو ڄاڻي.) پر علم وارن جي ڄاڻڻ جو انڪار نه ڪيو ويو آهي. (ٻئي هنڌ) فرمائي ٿو: كِتَابٌ أَنزَلْنَاهُ إِلَيْكَ مُبَارَكٌ لِّيَدَّبَّرُوا آيَاتِهِ (۱) (اسان توڏانهن مبارڪ ڪتاب نازل ڪيو آهي ته جيئن ان جي آيتن ۾ غور ڪن.)

الله تعاليٰ جي طرفان غور ۽ فڪر ڪرڻ جو اهو حڪم، محڪم ۽ متشابه سڀني آيتن لاءِ عام آهي. پڻ لکي ٿو ته قرآن مجيد ۾ ٻئي هنڌ الله تعاليٰ فرمايو آهي: أَفَلَا يَتَدَبَّرُونَ الْقُرْآنَ (۲) (ڇا پوءِ اهي قرآن مجيد ۾ غور فڪر نٿا ڪن؟)

يعني قرآن ۾ سوچ ويچار ڪرڻ کان منع نه آهي. البت الله تعاليٰ ۽ رسول ڪريم ﷺ جن هن ڳالهه کان منع فرمائي آهي ته متشابه آيتن ۾ فتني فساد جي نيت سان کوجنا ۽ تحقيق نه ڪرڻ گهرجي، تنهن ڪري جيڪو شخص قرآن جي محڪم ۽ متشابه آيتن ۾ الله تعاليٰ جي حڪم مطابق غور ۽ فڪر ڪندو ۽ ان جو مطلب سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو، اهو ممانعت جي انهيءَ حڪم کان آجو آهي، بلڪ الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ جو حڪم فرمائي ٿو ۽ انهيءَ ڪم جي تعريف ڪري ٿو. تنهن ڪري امام حسن بصري، مجاهد، ابن قتيبه، امام احمد بن حنبل وغيره سلف صالحين متشابه آيتن جي معنيٰ ڄاڻڻ تي اعتراض نٿا ڪن.

مولانا عبدالعلي بحر العلوم پنهنجي ڪتاب "فواتح الرحموت شرح مسلم الثبوت" ۾ لکي ٿو ته: "اولياءَ الله ۽ ڪرامت وارن کان منقول آهي ته اهي متشابه آيتن جي معنيٰ ڄاڻندا آهن ۽ جڏهن اهي سخت رياضتن، مجاهدن ۽ توبه زاريءَ ۾ پنهنجو وقت گذاريندا آهن ۽ اعليٰ عليين جي مقام تائين پهچندا آهن ته ڪين بغير طلب ۽ ڪسب جي اهو مقام، اهي فيض، اسرار ۽ انوارحاصل ٿيندا آهن، جن کي نه ڪا اک ڏسندي آهي ۽ نه ڪو ڪن ٻڌندو آهي. دراصل متشابهات جي معنائن جي نه ڄاڻڻ مان سلف صالحين جو مقصد هي آهي ته انهن انهيءَ مسئلي کي سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي.(۳)

قرآن ۾ نسخ جو مسئلو:

غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه اڳين مفسرن سڳورن جي پيروي ڪندي، پنهنجي فارسي ترجمي جي حاشيي ۾ ڄاڻائي ٿو ته هيءَ آيت فلاڻي آيت سان منسوخ آهي. پر اهو مسئلو گهڻو ڏکيو آهي. معتزلي عالم نسخ جو

(۱) سورة ص آيت:۲۹

(۲)سورة النساء آيت:۸۲

(3) مسلم الثبوت مولانا بحرالعلوم مطبوع مصر بامستصفيٰ امام غزالي ص ۸ ج ۲

بلڪل انڪار ڪن ٿا. شاه ولي الله انهيءَ مسئلي ۾ وچٿري واٽ ورتي آهي ۽ انهيءَ اختلاف کي نبيرڻ جي سڻي ڪوشش ڪئي آهي. شاه صاحب فرمائي ٿو تہ: انهن اختلافي مسئلن مان هڪ اختلافي مسئلو ناسخ منسوخ جو آهي. هن هنڌ بہ ڳالهيون ڄاڻڻ ضروري آهن: ١ - هيءَ تہ اصحابي رضي الله عنهم ۽ تابعين حضرات نسخ جي لفظ کي لغوي معنيٰ ۾ استعمال ڪندا هئا. جنهن جو مطلب وٺن هي هوندو هو تہ هن آيت جي ڪن صفتن کي آخر ۾ نازل ٿيل ٻي آيت مَٽائي ڇڏيو آهي. چاهي اها مَٽاسَٽا عملي لحاظ سان هجي، يا معنوي لحاظ سان هجي، يا عام ۽ خاص جي لحاظ سان هجي، يا نص ۽ قياس جي لحاظ سان هجي ۽ هي باب گهڻو ڊگهو آهي ۽ انهيءَ مسئلي ۾ عقل جو عمل دخل ممڪن آهي ۽ اختلاف جي بہ گنجائش موجود آهي. انهيءَ لحاظ سان اڳين عالمن سڀني منسوخ ٿيل آيتن جو تعداد پنج سوءَ آيتن تائين پهچايو آهي. ٢- ٻيو هي تہ "نسخ" مان مراد اصطلاحي نسخ آهي ۽ اهو مسئلو آيتن سڀني جي نازل ٿيڻ جي تاريخ سان واسطو رکي ٿو. سلف صالحين جي زماني ۾ ڪي عالم سڀورا ڪنهن آيت جي منسوخ هجڻ جي دعويٰ ڪندا هئا ۽ اها ڳالهہ فقيهن ۾ وڏيڪ هوندي هئي. مگر اهو امڪان هوندو هو تہ جنهن آيت جي منسوخ هجڻ تي اجماع ڄاڻايو ويو آهي، تي سگهي ٿو تہ اها منسوخ نہ هجي، پوءِ ان جي بجاءِ ٻي آيت جي منسوخ هجڻ تي اجماع ثابت ٿيندو هو. غرض تہ نسخ جي باري ۾ جيڪي آيتون بيان ڪيون ويون آهن، اهي گهٽيون آهن ۽ انهن ۾ غور ڪرڻ مشڪل آهي. حديث جي عالمن وٽ نسخ جي انهن ٻنهي قسمن کان علاوه نسخ جا ڪجهہ ٻيا قسم بہ آهن. جن کي انهن بيان ڪيو آهي مثلاً: اصحابن سڀورن ۾ شاهديءَ واري آيت جي باري ۾ شاهديءَ جي مسئلي تي مناظرو. حديث جي عالمن سڀورن بيان ڪيل آيت يا اهڙين ٻين آيتن جي تشريح ۾ ڪي حديثون دليل طور آنديون آهن.(١)

شاه صاحب ساڳئي ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ تفسير جي فن ۾ ٻيون بہ گهٽيون ڏکيون ڳالهيون آهن ۽ انهيءَ ڏس ۾ گهڻو اختلاف آهي تہ ڪهڙيون آيتون ناسخ ۽ ڪهڙيون منسوخ آهن ۽ انهيءَ ڏس ۾ هڪ ڏکيو سبب اڳين ۽ پوين عالمن جي طرفان نسخ جي اصطلاح جو استعمال آهي. صحابہ ڪرام ۽ تابعين جي ڪلام مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي نسخ کي لغوي معنيٰ ۾ استعمال ڪندا هئا، يعني هڪ آيت جي حڪم کي ٻي آيت جي حڪم سان مَٽائڻ ۽ اهي اصولي علماءَ جي اصطلاح مطابق نسخ کي استعمال نہ ڪندا هئا. تنهن ڪري وٽن نسخ جي معنيٰ اها آهي تہ هڪ آيت جون ڪي وصفون ٻي آيتن سان ختم ڪرڻ يا انهن کي مَٽائڻ، چاهي انهن آيتن تي عملدرآمد جي مدت ۽ وقت جي حد مقرر هجي، يا ڪلام الله جي ظاهري معنيٰ کي مَٽائي، ٻي معنيٰ بيان ڪجي، جيڪا بظاهر سمجهہ ۾ اچي، يا انهيءَ آيت جي معنيٰ کي عام ۽ خاص جي لحاظ سان ورهائجي، يا ان کي نص ۽ قياس جو ظاهري نتيجو سمجهجي، يا انهن کي جاهليت جي ريتن رسمن ۽ اڳين شريعتن جي حڪمن کي منسوخ ڪندڙ قرار ڏنو وڃي. غرض تہ انهن عالمن سڀورن وٽ نسخ جو باب ڪافي ڪشادو آهي ۽ انهيءَ موضوع يا مسئلي جي باري ۾ عقل کي عمل دخل حاصل آهي ۽ اختلاف جي ڪافي گنجائش آهي ۽ وٽن منسوخ ٿيل آيتن جو تعداد پنج سو آهي، بلڪ جيڪڏهن وڌيڪ جائزو وٺجي تہ اهي آيتون بيشمار آهن. مگر پوين عالمن جي اصطلاح مطابق منسوخ ٿيل آيتن جو تعداد گهڻو گهٽ آهي. خاص ڪري انهيءَ معنيٰ ۾ جيڪا اسان بيان ڪئي آهي.

شيخ جلال الدين سيوطي پنهنجي "ڪتاب الاتقان" ۾ انهيءَ موضوع تي ڊگهي تقرير لکي آهي ۽ شيخ ابن عربيءَ جي راءِ مطابق منسوخ ٿيل آيتن جو عدد رڳو ويهہ ٻڌايو آهي. هن فقير کي انهيءَ تعداد تي بہ اختلاف آهي. هاڻي اسين هن موضوع تي ابن عربيءَ جي ڪلام تي تنقيد ڪندي پنهنجي راءِ لکون ٿا.(٢)

(پوءِ شاه صاحب ڊگهو بحث ڪندي، پنج آيتون منسوخ ثابتِ ڪري ٿو.) اسان جي شيخ علامہ عبيدالله سنڌي رحمة الله عليہ، شاه ولي الله رحمة الله عليہ جي بيان ڪيل انهن منسوخ ٿيل پنجن آيتن جي باري ۾ بہ (ڪافي، شافي) جواب ڏنو آهي ۽ سندس تحقيق هيءَ آهي تہ قرآن مجيد جي ڪا بہ آيت منسوخ نہ آهي.

قرآن مجيد جي فارسي تفسيرن ۽ ترجمن جو بيان:

علامہ سرخسي پنهنجي مشهور ڪتاب مبسوط ۾ لکي ٿو تہ: روايت آهي تہ ايران جي رهاڪن حضرت سلمان

---

(١) الفوز الڪبير فارسي ص٣٢، مطبع مجتبائي دهلي

(٢) الفوز الڪبير ص ١٧-١٨ طبع مجتبائي

فارسي رضي الله عنه ڏانهن لکيو ته انهن ڏانهن سورة الفاتحة جو فارسي ترجمو لکي موڪليو. (حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه کين سورة الفاتحة جو ترجمو لکي موڪليو، جنهن کي نماز ۾ پڙهندا هئا. تانجو متن قرآن مجيد جي لفظن ۾ سورة الفاتحه پڙهڻ آسان ٿي ويو.(١)

روح المعاني ۾ به بحواله نهايه ۽ درايه ساڳي روايت آهي ته ايرانين حضرت سلمان فارسيءَ رضي الله عنه ڏانهن خط لکيو ته انهن ڏانهن ترجمي سان سورة الفاتحة لکي موڪليو. پوءِ انهيءَ سڳوري صحابيءَ انهن ڏانهن سورة الفاتحة لکي موڪلي. (٢)

مٿين ٻنهي حوالن مان ظاهر ٿيو ته قرآن مجيد جو سڀ کان اڳاٽو اهو ئي ترجمو آهي. جيڪو حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه ايرانين ڏانهن لکي موڪليو هو. جيتوڻيڪ اهو ترجمو فقط هڪ سورت تي مشتمل هو. تڏهن به انهيءَ ترجمي جو رڳو ڪتابن ۾ ذڪر ملي ٿو. ان جو اصل اڄ تائين نه ڪنهن اکين سان ڏٺو ۽ نڪي ڪنن سان ٻڌو.

" تاريخ الادب العربي" ۾ آهي ته موسيٰ بن سيار اسواري، علم ۽ فن ۾ پنهنجي زماني ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هو. جاحظ کيس دنيا جي عجيب شين مان شمار ڪري ٿو. موسيٰ عربي ۽ فارسي ٻنهي ٻولين ۾ مهارت رکندو هو. سندس درس جي مجلس ۾ عربي ۽ عجمي هر قسم جا ماڻهو شريڪ ٿيندا هئا. سندس عربي شاگرد ساڄي پاسي ۽ عجمي شاگرد کابي پاسي قطار ٻڌي ويهندا هئا. موسيٰ بن سيار غير عربن لاءِ قرآن مجيد جو ترجمو ۽ تفسير بيان ڪندو هو ۽ عربن لاءِ عربي ٻوليءَ ۾ تقرير ڪندو هو. امام ابن قتيبه پنهنجي ڪتاب "مشڪلات القرآن" کي فارسي ٻوليءَ ۾ بيان ڪيو آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ٽين صدي هجريءَ ۾ قرآن مجيد جي فارسي ترجمن جي شروعات ٿي چڪي هئي. " تاريخ ادبيات ايران" مان معلوم ٿئي ٿو ته ابوصالح مير سيد ملڪ مظفر، عالمن جي هڪ ڪميٽيءَ کان تفسير ابن جرير ۽ تفسير جبائيءَ جو فارسي ترجمو ڪرايو هو.

هڪ فارسي ترجمو عالمن سڳورن جي هڪ بورڊ کان نوح ساماني (پيدائش: ٢٦٥هه، ٨٧٨ع وفات: ٣٥٠هه، ٩٦١ع) پنهنجي زماني ۾ ڪرايو. جيڪو موجوده زماني ۾ تهران ۾ شايع ٿيو آهي.

"تاريخ ادبيات ايران" جي ڇپائيءَ مطابق هڪ ٻيو فارسي ترجمو ۽ تفسير "تاج التراجم" جي نالي سان آهي. جنهن کي "تفسير اسفرائيني" به چون ٿا. اهو تفسير امام عماد الدين ابوالمظفر شاهه شاهپور، شافعي جو ڪيل آهي. جنهن جي وفات جو سن ٤٧١هه، ١٠٧٨ع آهي.

ڪتب خانه آصفيه جي فهرست ۾ آهي ته هڪ ترجمو "موائد الرحمٰن بترجمة القرآن" آهي، جنهن جو ٻيو نالو "تاج التراجم" به هو. مترجم جو نالو آقا جمال الدين محمد بن حسين خوانساري آهي. سندس وفات جو سال ١١٣٥هه، ١٧١٣ع آهي. اهو ترجمو سن ١٣٠١هه، ١٨٨٣ع ۾ نادر شاهه بادشاهه جي حڪم مطابق ڪيو ويو ۽ بمبئي ۾ شايع ٿيو. والله اعلم بالصواب.

هڪ اڳاٽي فارسي تفسير نالي "لطائف التفسيرات" آهي. ان جو مفسر ۽ مرتب امام ابوبڪر فضل آهي، جيڪو بخارا ۾ سن ٦٤١هه، ١٢٤٣ع ۾ گذاري ويو. اهو تفسير مدرسه صولتيه (مڪه مڪرمه) جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي. حاجي امداد الله مهاجر مڪي رحمة الله عليه اهو تفسير ڪتب خانه صولتيه کي وقف ڪري ڏنو. (٣)

نامه آستان قدس مشهد مقدس شمارو ٤ باب ٩ ۾ آهي: هن شماري کان قرآن مجيد مترجم فارسي، قلمي جي اشاعت جي شروعات ڪجي ٿي، جيڪو سن ٥٥٦هه، ١١٦١ع ۾ڪتب خانه آستان قدس طرفان ڇپايو ويو ۽ جنهن جو تعارف اڳئين شماري ۾ ڪرايو ويو آهي. اهو ترجمو ابوعلي حسن بن محمد بن حسن، "ري" شهر جي هڪڙي ڳوٺ نالي کهڪابر جي خطيب جو ڪيل آهي، جنهن جي ڪتابت ١٣ صفر سن ٥٥٦هه، ١١٦١ع ۾ پوري ٿي. اهو نسخو ۽ ترجمو ڏاڍو عمدو آهي، جيڪو امام همام جي وجود جي برڪت سان آستان قدس رضوي مشهد جي خزاني ۾ محفوظ آهي ۽ بيشڪ فارسي ٻوليءَ ۾ اهڙي ترجمي جي اشاعت هڪ وڏو ڪارنامو آهي. اهل علم ۽ اهل فضل کي انهيءَ ترجمي جي

---

(١) المبسوط ج ١ ص ٣٧

(٢) ص ١٠٢ بحواله ماهنامه الولي، شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد جلد ٥ شمارو ١١-١٢.

(٣) ماهنامه الولي شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد ج ٥ شمارو ١١-١٢

اشاعت ۾ پوري مدد ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن الله تعاليٰ جي تائيد ۽ توفيق سان نامہ آستان قدس جي زيرنگراني ان جي اشاعت جو ڪم پنهنجي پڇاڙيءَ کي پهچي. تانجو انهيءَ ترجمي وسيلي هن علائقي جي ماڻهن کي الله تعاليٰ جي آخري آسماني ڪتاب مان فيض پرائڻ جو موقعو ملي سگهي.

بيان ڪيل مقدمي ۾ وڌيڪ ڄاڻائي ٿو تہ فارسي ٻوليءَ ۾ هن ترجمي جي اشاعت هن ڪري بہ وڏي غنيمت آهي، جو مترجم عربي جملن ۽ لفظن جي سامهون فارسي لفظ ۽ جملا ڏنا آهن. هن فارسي تفسير ۽ ترجمي کي تقريباً اٺ صديون گذري چڪيون آهن. تنهن ڪري اهو فارسي ٻوليءَ ۽ ايران جي اسلامي ثقافت سان دلچسپي رکندڙ طالب علمن لاءِ گهڻي اهميت وارو علمي ورثو آهي. جنهن ڏانهن جوڳو توجه ڏيڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ ترجمي جو نمونو هتي پيش ڪجي ٿو:

فاتحة الڪتاب يعني الحمد شريف ۾ ست آيتون آهن.

١- الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو. جيڪو روزي ڏيندڙ، مهربان ۽ گنهگارن لاءِ بخشڻهار آهي.
٢- شڪر آهي الله لاءِ. جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي.
٣- روزي ڏيندڙ ۽ بخشڻهار آهي.
٤- بدلي جي ڏينهن جو بادشاهہ آهي.
٥- تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ تو کان ئي مدد گهرون ٿا.
٦- اسان کي سڌي واٽ ڏيکار.
٧- واٽ انهن جي، جن تي تو انعام ڪيو ۽ نہ واٽ انهن جي جن تي تو ڏمر ڪيو. (يعني نہ يهودين جي ۽ نہ گمراهن يعني عيسائين جي واٽ.)

هڪ تفسير نالي "تفسير حسيني" مشهور آهي. (يعني جواهر التفسير ومواهب عليه) از ملا حسين واعظ ڪاشفي (وفات ٩٠٦هہ، ١٥٠١ع) اهو عالم سڳورو وڏي شهرت جو مالڪ آهي. اهو تفسير ڪيترا ئي ڀيرا شايع ٿي چڪو آهي.

"تفسير يعقوب چرخي" اهو تفسير رڳو ٽيهين سيپاري "عم" تي مشتمل آهي. ڪيترا ڀيرا شايع ٿي چڪو آهي ۽ گهڻو مشهور آهي. هن مضمون جي ليکڪ کي تاجڪستان جي شهر "دوشنبه" ۾ انهيءَ مفسر جي قبر جي زيارت نصيب ٿي آهي.

"تفسير صفي (منظوم)" ان جو مفسر حاجي مرزا حسن شفيع علي شاه محمد باقر اصفهاني آهي. اهو تفسير سن ١٣٠٨هہ، ١٨٩٠ع ۾ ايران ۾ شايع ٿيو آهي.

"تفسير سورة يوسف" ملا معين مسڪين، حيدرآباد دکن جي ڪتب خانہ آصفيہ ۾ ان جو قلمي نسخو موجود آهي. ان جي ڪتابت جو سن ١٠٨٠هہ، ١٦٦٩ع آهي.

هندستان ۽ پاڪستان ۾ هڪ فارسي ترجمو شيخ سعديءَ ڏانهن منسوب آهي. جيڪو "تفسير حسيني فارسي" (مفسر ملا حسين واعظ ڪاشفي جي تفسير سان گڏ شايع ٿيو آهي.) مگر هتان جا گهڻا عالم سڳورا جهڙوڪ مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ مولانا عين القضاة لکنوي جو خاص شاگرد مولانا عبدالشڪور وغيره انهيءَ نسبت کي غلط چون ٿا ۽ حقيقت بہ اهائي آهي تہ اهو ترجمو سيد زين الدين شريف جرجانيءَ جو آهي. هن راقم جي تحقيق مطابق اها ئي سچي حقيقت آهي.

"الفضل جيش ابراهيم تفصيلي" (وفات: ٦٦٩هہ، ١٢٧٠ع) فارسيءَ ۾ هڪ تفسير لکيو هو. جنهن جو نالو "مشڪلات القرآن" آهي. پڻ احمد بن علي محمد ڪاتب سن ٧٠٠هہ، ١٣٠٠ع ۾ قرآن مجيد جو فارسي ترجمو ڪيو. جيڪو هاڻي بہ استنبول جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي.

هڪ فارسي تفسير نالي "البصائر" آهي، جنهن جي مفسر جو نالو شيخ ظهير الدين ابوجعفر محمد بن مسعود نيشاپوري آهي. اهو تفسير سن ٥٧٧هہ، ١١٨١ع ۾ پورو ٿيو. جيڪو ڪيترن جلدن ۾ آهي. (متيون حوالو)

اهي سڀ ترجما ۽ تفسير پورا يا اڻ پورا ٻاهرين ملڪن جي عالمن سڳورن جا لکيل آهن. هاڻي برصغير جي ڪجهہ عالمن جي ترجمن ۽ تفسيرن جو ذڪر ڪجي ٿو.

انهن مان هڪ مشهور تفسير نالي "بحر مواج" آهي. مفسر علامه شمس الدين دولت آباد ثم الدهلوي آهي، جيڪو نائين صدي هجري جي اهل علم مان ٿي گذريو آهي، اهو تفسير سلطان ابراهيم شرقي جونپوري لکيو هو. (ماهنامه الولي مٿي ڏنل شمارو ١١- ١٢)

اسان کي هڪ قلمي تفسير جي زيارت نصيب ٿي، جيڪو سورة الفاتحة کان سورة الانعام تائين ٨٥٦ صفحن تي مشتمل آهي. انهيءَ تفسير جي شروعات هن طرح آهي:

"سيني پاڪ، راحت وارين نعمتن جي خوشبودار سهڻي، سني، پاڪ، پياري، پوتر، جسم ۽ روح کي واسائيندڙ ۽ معطر تعريف الله جي لاءِ آهي ۽ شڪر گذار ٻانهي جي طرفان بي انتها شڪرانا، اڻ ڳڻ انعام، انيڪ احسانمندي، بيحد، بيحساب ٿورا ۽ بي بها واڌايون انهيءَ پاڪ پالڻهار جي لاءِ آهن، جيڪو دنيا ۽ دنيا وارن، آدم ۽ آدم ذات جو رب آهي، مهربان ۽ مؤمنن لاءِ بخشڻهار آهي، جزا جي ڏينهن جو مالڪ، بادشاهه ۽ فرمانروا آهي. الخ"

هن تفسير ۾ گهڻيون معنائون ۽ مطلب هيٺين تفسيرن مان ورتيون ويون آهن، هر هڪ: تفسير ڪليني، زاهدي، بستي، نسفي، مدارڪ، ڪشاف ۽ ڪشاف جون ڪي شرحون. پڻ تفسير امام فخرالدين رازي، تفسير ابوالليث سمرقندي، مغني، عتابي ۽ بصائر تان به ڪي عبارتون نقل ڪيون ويون آهن. مفسر سڳورو اعوذ بالله جو ترجمو هن طرح ڪري ٿو:

"الله تعاليٰ عزوجل جي دربار ۾ پناه ڳوليان ٿو ۽ پناه پنان ٿو، تڙيل شيطان جي شر کان، جيڪو شيطان الله جل جلاله عم نواله جي رحمت کان پري آهي."

مفسر سڳوري جو ڪيل " اهدنا الصراط المستقيم" کان سورت جي آخر تائين ترجمو پڙهو:

"اسان کي سڌي واٽ ڏيکار، واٽ انهن جي جن تي تو انعام ڪيو، نه انهن جي، جن تي غضب ڪيو ويو ۽ سواءِ واٽ انهن جي، جيڪي رستي کان ڀلجي ويا ۽ جيڪي گمراه ٿيل آهن."

ڊاڪٽر محمد ايوب قادري پنهنجي ڪتاب "مخدوم جهانيان جهان گشت" ص ٢٢٨ تي هڪ فارسي ترجمي جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جي ڪيس زيارت نصيب ٿي ۽ جيڪو مخدوم جهانيان جهان گشت ڏانهن منسوب آهي، پر پاڻ انهيءَ دعويٰ جي سچائيءَ لاءِ ڪا اثرائتي شهادت پيش ڪري نه سگهيو آهي. رڳو هڪ روايت آندي اٿس ته سلطان الحق بن شمس الحق مولوي احسان الحق جو ڀاءُ جيڪو شاهه محمد ابراهيم مرادآبادي (وفات ١٠٨١هه. ١٦٧٠ع) جي اولاد مان آهي، سو لکي ٿو ته هيءُ قرآن مجيد حضرت مخدوم جهانيان جهان گشت جي هٿ مبارڪ سان لکيو ويو هو. جنهن جا شروعاتي ۽ آخري ڪجهه پارا غائب آهن. پڻ وچ ۾ ڪجهه حصا اڻ پورا آهن. ڊاڪٽر قادري لکي ٿو ته رسم الخط ۽ ڪاغذ مان اندازو ٿئي ٿو ته اهو قرآن مجيد انين صدي هجريءَ ۾ لکيو ويو هو. فارسي ترجمو ڳاڙهي مس سان آهي ۽ ضرورت مطابق ڪٿي ڪٿي تشريحي نوٽ به موجود آهن. ٽيهين سيپاري جو ترجمو اڻ پورو آهي. آخر ۾ ڊاڪٽر موصوف لکي ٿو ته جيڪڏهن اها روايت صحيح آهي ته پوءِ اهو ترجمو ٨ صدي هجريءَ ۾ ٿيو هوندو. ڇاڪاڻ ته حضرت مخدوم جهانيان جهان گشت جو وصال ١٠ ذي الحج ٧٨٥هه. ١٣٨٣ع ۾ ٿيو آهي.

لکندڙ احقر چوي ٿو ته انهيءَ روايت جو دارومدار گمان تي آهي، جيڪڏهن انهيءَ روايت کي درست تسليم ڪجي تڏهن به اها حقيقت معلوم ٿئي ٿي ته قرآن مجيد جو ترجمو اڻ پورو آهي، جيئن ڊاڪٽر موصوف پاڻ لکي ٿو ته گهڻو گمان آهي ته حضرت مخدوم موصوف پنهنجي ڄمار جي آخري دور ۾ اهو ترجمو شروع ڪيو، پر سندس زندگيءَ وفا نه ڪئي، جنهن جي ڪري ڪم اڻپورو رهجي ويو.

علامه ابوالفضل ابن شيخ مبارڪ سنڌي ناگوري وفات ٩٥٨هه. ١٥٥١ع آيت الڪرسيءَ جو فارسي ٻوليءَ ۾ تفسير لکيو، جنهن جو نالو "تفسير اڪبري" آهي. اهو تفسير لکي، بادشاه معظم جي حضور ۾ پيش ڪيائين ۽ شاهي انعام حاصل ڪيائين. (١)

تفسيرفارسي رياض القدس (ٽيهون سيپارو) مفسر شيخ نظام الدين ٿانيسري، قلمي نسخو ڪتب خانه آصفيه ۾ موجود آهي.

تفسير سورة الملڪ سورة المدثر (فارسي) مترجم جو نالو ڄاڻايل نه آهي، قلمي نسخو ڪتب خانه آصفيه ۾

(١) ماهنامه الولي شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد فيبروري مضمون ابوسلمان شاهجهانپوري

موجود اهي.

تفسير حضرت شاهي (معالم الاسرار) حڪيم محمد احسن ۽ مولانا محمد باقر الدين چشتي شايع ٿي چڪو آهي. (۱)

فتح الرحمــن ترجمه وفوائد (فارسي) تاليف: شاه ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه (وفات: ۱۱۷۶هه. ۱۷۶۲ع) يارهين صدي هجري. يارهين صدي هندستان ۾ مسلمانن جي حڪومت جي زوال جي صدي آهي. دين اسلام جي حفاظت لاءِ ضروري هو ته عام مسلمانن کي قرآن مجيد ۽ ان جي تعليم جي ويجهو آڻجي. انهيءَ مقصد هيٺ حضرت شاه عبدالرحيم قرآن مجيد جي متن ۽ مضمونن کي سمجهڻ لاءِ درس ڏيڻ شروع ڪيو. هن وقت تائين اڳين عالمن سڳورن جو دستور هوندو هو ته ناظره پڙهائڻ جي حد تائين قرآن سيکاريندا هئا ۽ وڌ ۾ وڌ مسئلن جي حد تائين قرآن جي تعليم ڏيندا هئا. ٻين لفظن ۾ قرآن مجيد کي فن جو هڪ ڪتاب سمجهيو ويندو هو. شاه عبدالرحيم رحمة الله عليه جمهور عالمن جي انهيءَ طريقي کي ڇڏي، قرآن جي متن جو ترجمو شروع ڪيو. شاه ولي الله رحمة الله عليه لکي ٿو ته پاڻ گهڻو ڪري شاگردن جي حلقي ۾ هر روز ٻه ٽي رڪوع معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ سان پڙهائيندا هئا.(۲) ٻئي هنڌ لکي ٿو ته هن ضعيف تي الله جي عظيم احسانن مان هڪ احسان هي آهي ته آءٌ سندس قرآن مجيد جي درس جي مجلس ۾ حاضر ٿيندو هيس ۽ ان جي شان نزول جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ، قرآن کي معنيٰ ۽ مطلب سان پڙهندو هيس، جنهن جي ڪري قرآن مجيد جون عظيم معنائون ۽ مطلب دل تي ظاهر ٿيندا هئا.(۳) شاه ولي الله قرآن مجيد جي متن جي شرح کي هن طرح بيان فرمائي ٿو ته هي ڪتاب پنهنجي ذات ۾ هڪ ڪامل، مڪمل نصاب آهي، جنهن ۾ ڪنهن واڌاري جي ڪا ضرورت نه آهي. شاه صاحب جي زماني ۾ سرڪاري ٻولي فارسي هئي، تنهن ڪري پاڻ سن ۱۱۵۰هه. ۱۷۳۷ع ۾ "فتح الرحمــن" جي نالي سان قرآن مجيد جي ترجمي جي شروعات ڪيائين ۽ ۱۱۵۱هه. ۱۷۳۸ع ۾ اهو ترجمو پورو ٿيو ۽ سن ۱۱۵۶هه. ۱۷۴۳ع ۾ ان جو درس شروع ڪيائين.

تفسير فتح العزيز: جيڪا "تفسير عزيزي" جي نالي سان مشهور آهي. ان جو مفسر عمدة المفسرين، فخر المحدثين شاه عبدالعزيز محدث دهلوي آهي، جيڪو شاه ولي الله محدث دهلويءَ جو وڏو پٽ آهي. اهو تفسير ۱۳ صدي هجريءَ ۾ لکيو ويو. سورة البقره ۽ ٽيهين سيپاري "عم" جو تفسير، ڏاڍي عجيب نموني ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ اهڙا علمي لطيفا ۽ نڪات لکيا ويا آهن، جنهن جو مثال ڪٿي نٿو ملي، پر افسوس جو اهو تفسير پورو نه ٿي سگهيو ۽ اڻ پورو رهجي ويو.

هيءَ استادي روايت اسان جي سنڌ ۾ ڏاڍي مشهور آهي ته استادن جو استاد علامه غلام صديق شهدادڪوٽي سنڌي فرمائيندو هو ته جيڪڏهن حضرت شاه عبدالعزيز "تفسير فتح العزيز" (فارسي) پورو ڪري ها ته وري ڪنهن تفسير جي ضرورت باقي نه رهي ها. هن فقير لکندڙ وٽ ٻه اها ئي ڳالهه سچي آهي. مفسر محترم سورة الناس جي تفسير ۾ فرمائي ٿو ته ڪي محقق لکن ٿا ته قرآن مجيد جي شروعات حرف "ب" سان ۽ ان جي انتها لفظ "س" تي آهي. جنهن ۾ اشارو آهي ته قرآن مجيد ٻنهي جهانن ۾ بس ۽ ڪافي آهي. جيئن حڪيم ثنائي فرمائي ٿو:

"اول وآخر قرآن زچه باآمد وسينD يعني اندر ره دين رهبر تو قرآن بس"

(قرآن جي شروع ۾ بسم الله جي با ۽ آخر ۾ والناس جو سين آهي، يعني دين ۾ تنهنجي لاءِ قرآن رهبر ڪافي آهي.)

ترجمه فارسي مخدوم سرور نوح هالائي: هي ٻي ٻها ترجمو اسان جي تحقيق مطابق نندي ڪنڊ ۾ پهريون مبارڪ ترجمو آهي، جيڪو ڏهين صدي هجريءَ ۾ لکيو ويو. حضرت مخدوم نوح عليه الرحمة هن ملڪ (سنڌ) جو شيخ المشائخ هو. پاڻ سيدالڪونين نبي ڪريم ﷺ جن جي روحانيت مان فيض پرايو اٿن. انهيءَ ڪري ڪين "اويسي مشرب" چون ٿا. سندن قرآن حڪيم سان شغف ۽ محبت ايتري وڌيڪ هوندي هئي، جو هر مجلس ۾ قرآن مجيد جي معنيٰ ۽ تفسير بيان ڪندا هئا ۽ مشائخ جي طريقي مطابق جڏهن به ذڪر اذڪار کان فارغ ٿيندا هئا، قرآن مجيد جو تفسير بيان ڪندا هئا ۽ ظاهري علماءَ

(۱) فهرست ڪتب خانه آصفيه جلد ۴

(۲) انفاس العارفين فارسي، تاليف شاه ولي الله، طبع مجتبائي دهلوي ص ۸۶

(۳) الجزءُ اللطيف ذاتي لکيل سوانح حيات. انفاس العارفين جو هڪ حصو

سندس حضور مان قرآن مجيد جا اسرار ۽ انوار حاصل ڪندا هئا. بيشڪ انهيءَ ترجمي ۾ گهڻيون خوبيون آهن:

١- هن ترجمي کي اهو شرف حاصل آهي ته سنڌي ٻولي ۾ هي سڀ کان پهريون ترجمو آهي.
٢- هن ترجمي ۾ حروف مقطعات ۽ متشابه آيتن جي اسرارن ۽ رموزن کي اشاري سان واضح ڪيو ويو آهي.
٣- ڪيترن مسئلن کي ترجمي جي بين السطور ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جنهن جي ڪري ٻين تفسيرن ۽ ترجمن جي ضرورت ئي باقي نٿي رهي.
٤- فارسي ٻولي ڏاڍي آسان استعمال ڪئي وئي آهي، جنهن ڪري هر عالم ۽ غير عالم ان مان فائدو ۽ فيض پرائي سگهي ٿو.
٥- اڪثر جاين تي حرف جر جي تعلق مطابق بسم الله جو ترجمو جدا جدا بيان ڪيو ويو آهي ۽ اها جدت ڪنهن ٻئي فارسي ترجمي ۾ نه ڏٺي وئي آهي. (سواءِ حضرت خواجه عبدالله انصاري جي فارسي ترجمي ۽ تفسير "ڪشف الاسرار وعدة الابرار" جي شروعاتي سورتن جي "بسم الله" ۾.)
٦- ترجمي ۽ تفسير ۾ اڳين مفسرن ۽ محدثين جي طريقي جو لحاظ ڪيو ويو آهي.
٧- ترجمي ۾ مختصر تشريحي نوٽ به ڏنا ويا آهن، جيئن پڙهندڙ لاءِ آساني پيدا ٿئي.
٨- شاهه ولي الله رحمة الله عليه پڻ انهيءَ رستي کي اختيار ڪيو ۽ فتح الرحمان جي تعليقات کي ترجمي جي اندر سهيڙي، سموئي پيش ڪيو آهي، پر ڇپائيءَ کان پوءِ تشريحي نوٽن کي حاشين تي ڏنو ويو آهي.

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ موجوده سجاده نشين درگاهه سروريه مخدوم نوح هالائيءَ اسان کي خبر ڏني ته سندن جد امجد حضرت مخدوم نوح جو ڪيل فارسي ترجمو اسان جي درگاهه جي ڪتب خاني ۾ موجود هو، جيڪو سندن حڪم تي لکيو ويو هو ۽ ڏاڍو خوشخط هو ۽ سنهري حرفن ۾ لکيو ويو هو پر ڊگهو عرصو گذرڻ جي ڪري ايترو پراڻو ٿي ويو جو آخرڪار ڦاٽي شهيد ٿي ويو. قرآن مجيد جو هي ترجمو جنهن کي اسان شايع ڪري رهيا آهيون، انهيءَ اصلي نسخي تان ورتو ويو آهي، جيڪو حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي نگرانيءَ هيٺ لکيو ويو هو. انهيءَ نسخي جو ڪاتب حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جو هڪ خليفو هو، جنهن جو نالو بهاءُ الدين گودڙيه هو. جيڪو ٺٽي جي ميمڻن مان هو ۽ مخدوم محترم رحمة الله عليه جي اولاد جو استاد پڻ هو. شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو، جيڪو پڻ حضرت مخدوم نوح سرور جي مريدن ۽ متعقدن مان هو، انهيءَ ميمڻ فقير بهاءُ الدين گودڙيه جي ايتري عزت ڪندو هو جو سندس جتي لاهي، ان جا پير چمندو هو.

بيان ڪيل انهيءَ نسخي جي لکت ٻن طريقن سان آهي. قرآن مجيد جا اکر ڪاري مس سان ۽ ترجمو ڳاڙهي مس سان آهي ۽ هر سٽ جي هيٺان فارسي ترجمو لکيل آهي. پهريائين اسان خيال ڪيو ته انهيءَ نسخي کي ئي آفسٽ جي ڇپائيءَ ۾ آڻجي پر انهيءَ قرآن مجيد جي صورتخطي "مصحف عثماني" مطابق نه آهي ۽ ان ۾ گهڻيون چُڪون به آهن، تنهن ڪري انهيءَ خيال کي ڇڏڻو پيو ۽ قرآن مجيد جي نئين سر ڪتابت ڪرائي، ترجمي سميت ڇاپڻو پيو. بيان ڪيل نسخي جي حاشيي جي پهرئين صفحي تي هڪ عبارت آهي، جنهن مان ان جي ڪتابت جي سن جي ڄاڻ ٿئي ٿي. اها عبارت هيءَ آهي:

"ڄاڻڻ گهرجي ته ٺٽي شهر مان واپسيءَ کان پوءِ ٢٧ شعبان ١٠١١هه ١٦٠٢ع تي هن ترجمي جي ڪتابت شروع ڪئي وئي. قرآن مجيد جي عظمت ۽ نبي آخر الزمان ﷺ جن جي حرمت جي ڪري، الله پاڪ جي ٻاجهه ۾ اميد آهي ته خير، عافيت سان اهو ترجمو پورو ٿيندو. آمين، آمين، آمين."

سورة التوبه پوري ٿيڻ کان پوءِ ذوالحج ۽ محرم جي آڌل تائين، پورا ٢٧ ڏينهن ترجمي جو ڪم رڪجي ويو. ٢٧ محرم کان پوءِ سورة يونس جو ترجمو لکڻ شروع ڪيم. ربيع الاول جي آخر ۾ سورة الشعراءِ جي ترجمي جي لکائي پوري ٿي. وري وچ ۾ ڪجهه وقفو اچي ويو. تانجو پنهنجي گهر ۾ ترجمي جو ٽيون دور سورة النمل کان شروع ڪيم. (١) اهو نيرن جو وقت هو. هي سلسلو رمضان جي ويهين تاريخ تائين جاري رهيو. رمضان واري عيد کان پوءِ سورة العنڪبوت جي ڪتابت شروع ڪئي وئي(٢) چنڊ جي پهرئين تاريخ کان ١٨ تاريخ تائين ڪتابت تي نه سگهي. آخرڪار صفر جي ١٧

(١) هتي ڪجهه اکر ڦاٽي لڳڻ سبب مٽجي ويا آهن.
(٢) هتي به ڪجهه اکر ڦاٽي لڳڻ سبب مٽجي ويا آهن.

تاريخ. سن ١٠١٣ھ، ١٦٠٣ع تي خميس جي ڏينهن ترجمي جو ڪم پنهنجي حجري ۾ صبح جي وقت نيرن ڏاري پورو ٿيو. پڻ انهيءَ نسخي جي آخري صفحي تي ڪاري مس سان لکيل آهي ته ڄاڻڻ گهرجي ته "هن سال جي ٻئي مهيني ۾ ترجمي جو ڪم پورو ٿيو." قرآن مجيد جي ڪتابت جي تاريخ ڪاتب نه ڄاڻائي آهي. البت فقير بهاءُ الدين گودڙيه ترجمي جي تاريخ ١٠١٣ھ، ١٦٠٤ع ڄاڻائي آهي. فقير بهاءُ الدين گودڙيه جيڪو سنڌ جي فقيرن مان هڪ وڏو فقير آهي ۽ حضرت سيد السادات طالب وصول رب العالمين. ميان سيد ابوبڪر سلمه الله تعاليٰ جي ترجمي جي لکائيندڙن مان هڪ آهي.

جڏهن هن فقير ڪتابت ڪيل انهيءَ قرآن مجيد کي ڏٺو. معلوم ٿيو ته مخدوم موصوف رحمة الله عليه جو قرآن مجيد. لکائيءَ جي لحاظ سان انهيءَ طريقي سان مطابقت نٿو رکي، جيڪو سنڌ ۾ رائج آهي. سندس ڪتابت ڪيل قرآن مجيد ۾ هي اهتمام ڪيو ويو آهي ته ان جي هر صفحي جي پهرئين ۽ آخري سٽ آيت تي پوري ٿئي ٿي ۽ هر ڏهن صفحن ۾ پورو هڪ سيپارو آندو ويو آهي ۽ اهڙيءَ طرح قرآن مجيد کي هڪ جلد ۾ پورو ڪيو ويو آهي. هر هڪ سٽ کان پوءِ ترجمي جي لکڻ لاءِ ٽن سٽن جيتري وٿي ڇڏي وئي آهي. اهو ترجمو قرآن مجيد جي جلدبنديءَ کان اڳ لکيو ويو هو. هي فقير نه باقاعده خوشنويس ۽ ڪاتب آهي ۽ نه ئي خوشحال زندگي گذاري ٿو ۽ نه مون وٽ جلدبنديءَ کان سواءِ قرآن مجيد جو ڪو ٻيو نسخو آهي ۽ نڪي هي عاجز. اها قابليت رکي ٿو ته ڪيل ترجمي کي لازماً ٻن سٽن جي وچ ۾ قرآن مجيد جي متن مطابق آڻي سگهي. بلڪ قرآن مجيد جي اها ڪتابت اهڙي نموني ڪئي وئي آهي جو هر لفظ جو ترجمو انهيءَ لفظ جي هيٺان پورو نٿو ٿئي، بلڪ مجبوراً ان کي ٻاهر لکڻو پوي ٿو ۽ ڪيترين جاين تي اکر ايترا سنها لکڻا پون ٿا جو گهڻي غور فکر ڪرڻ کان پوءِ ئي ۽ علم وارا ئي انهيءَ معنيٰ کي پڙهي سگهن ٿا. خلاصو هي ته هن راقم جي ڪتابت مخدوم صاحب جي ترجمي جي شايان شان نه آهي. بلڪ ان جو ڏهوڻون حصو به نه آهي. ڪٿي سيپاري جو چوٿون حصو، ڪٿي هڪ رڪوع، ڪٿي سٽون سنهيون ۽ ٿلهيون لکيون ويون آهن ته ڪٿي مواد ماپائڻ لاءِ اکر هڪ ٻئي جي مٿان چاڙهي سٽون لکڻيون پيون آهن. بهرحال جهڙو حال آهي، پيش پريان نال آهي. سادات حضرات جي خدمت اقدس ۾ انهيءَ هيٺي حال جي ڪري معذرت پيش ڪريان ٿو ۽ اميدوار آهيان ته منهنجن گناهن ۽ خطائن کي معاف ڪندا. بلڪ منهنجي ۽ منهنجي اولاد جي حق ۾ بخشش جي دعا ڪندا. جيئن ته اهل الله جي ڪلام کي نقل ڪرڻ ۽ سندن ملفوظات کي لکڻ وڏي فضيلت جوڳو ڪم آهي. تنهن هوندي به ڪا غلطي رهجي وئي هجي ته معذرت عرض رکان ٿو. هن ڪري به ته ٻاجهاري طبيعت ۽ سهڻي صفت رکندڙن وٽ عذر پيش ڪرڻ سان گناهن کان معافي ملندي آهي، تنهن ڪري اميد آهي ته جڏهن قادر ڪريم مون کي هن ظاهري مرتبي تي پهچايو آهي ته اميد آهي ته خطائون به بخشيندو.

والسلام علي الناظرين الكاظمين الغيض والعافين عن الناس والدعاءُ مطلوب والفاتحة لسلام خاتمة مرغوب

آخري صفحي جي حاشيي تي قل اعوذ جو ترجمو لکيل آهي.

الله تعاليٰ جي هن پاڪ ڪتاب قرآن مجيد جو مالڪ سيادت مآب سيد شهاب الدين ولد سيد حسين ولد سيد محمد ولد غفران پناهه سيد ابوبڪر رهندڙ ڳوٺ لڪعلوي آهي، جيڪو به شخص انهيءَ جي ملڪيت جي دعويٰ ڪندو. تنهن جي دعويٰ باطل ٿيندي ۽ ٻڌڻ جوڳي نه رهندي.

سورة الناس جي ترجمي جي آخر ۾ ڪاري مس سان لکيل آهي ته: تم ترجمة القرآن يوم الخميس السابع عشر من شهر صفر ختمه الله تعاليٰ وختم كتابة الترجمة بالخير والظفر في تاريخ الف وثلاث مائة الفقير الحقير بهاءُ الدين المحرر حروف الترجمة بفضل الله المنان وهو المعبود المستعان.



مخدوم نوح عليه الرحمة والرضوان جو احوال ۽ علمي خدمتون

سندن نالو لطف الله آهي ۽ عرف عام ۾" نوح" جي نالي سان مشهور آهن ۽ سندن ئي روايت آهي تہ مون تي اهو نالو الله تعاليٰ جي الهام ذريعي پيو. کين گهڻي عقيدت سبب غوث الحق، قطب الاقطاب، غوث الزمان، ولي الولاية، سرتاج الاولياءِ، شمس الشريعة ۽ مخدوم جا لقب ڏنا ويا آهن.

خاندان: پاڻ قريشي، صديقي هئا. خليفة الرسول، نبي ڪريم ﷺ جن جي غار ۽ هجرت جي ساٿي، پاڻ سڳورن سان گڏ دفن ٿيل، حضرت ابوبڪر صديق بن حضرت ابوقحافه رضي الله تعاليٰ عنهما جي اولاد مان آهن. سندن نسب جو شجرو تحفة المريدين (سنڌي) نظم ۾ هن طرح آهي:

مخدوم نوح ڪامل مڪمل مرشد الزمان، قطب الدوران، وسيلة الغرباءِ، غوث الحق بن مخدوم نعمت الله بن مخدوم اسحاق، بن شيخ شهاب الدين صغير بن شيخ سرور بن شيخ فخرالدين صغير بن شيخ عزالدين، بن شيخ فخرالدين ڪبير بن شيخ ابوبڪر بن شيخ اسماعيل بن شيخ عبدالله بن شيخ نصر الدين بن شيخ سراج الدين بن شيخ خيرالدين بن وحيدالدين بن ابي عاصم بن محمد(١) بن شيخ ابوالقاسم بن شيخ شهاب الدين ڪبير بن شيخ وحيد الدين بن شيخ مسعود بن ابوالقاسم بن محمد بن عبدالرحمٰن، جنهن کي محمد عبدالرحمٰن پڻ چيو ويجي ٿو ۽ پاڻ عمر جي نالي سان بہ مشهور آهي.

هڪ ٻي روايت آهي تہ هي حضرت عبدالرحمٰن حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جو پٽ نہ آهي، بلڪ قاسم بن محمد جو پٽ آهي، جنهن جي پيڻ ام فروه هئي. جيڪا محمد (باقر) بن علي (زيد العابدين) بن (امام) حسين بن سيدنا علي بن ابي طالب ڪرم الله وجهه جي نڪاح ۾ آئي ۽ جنهن مان (امام) جعفر (صادق) پيدا ٿيو. ان روايت مطابق مخدوم معظم محمد بن ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي اولاد مان آهي، جنهن جي ڪنيت ابوالقاسم هئي ۽ کيس قريش جي اشراف مان شمار ڪيو ويجي ٿو ۽ حضرت علي بن ابي طالب ڪرم الله وجهه کيس مصر جو والي مقرر ڪيو، جنهن سان امير معاويه رضي الله عنه جي مقرر ڪيل حاڪم جنگ ڪئي ۽ ان تي سوڀ پاتائين ۽ کيس قتل ڪري ڇڏيائين.(٢) "وفيات الاعيان" ۾ شيخ عبدالقاهر ابونجيب سهروردي، جيڪو شيخ شهاب الدين سهروردي جو شيخ ۽ چاچو پڻ هو، تنهن جو نسب پڻ محمد بن ابوبڪر صديق رضي الله عنه تائين پهچايو ويو آهي ۽ شيخ سهروردي جو احوال نقل ٿيل آهي. شيخ سهروردي جا حوالا محب الدين بن النجار تاريخ بغداد ۾ نقل ڪيا آهن (٣) جنهن مطابق اهي ٻئي خاندان هڪ نسل مان هئا. والله اعلم

مرحوم حضرت مخدوم مولانا غلام حيدر صديقي جيڪو موجوده سجاده نشين مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جو چاچو هو، پنهنجي ڪتاب "سڪينة الروح" (سنڌي) ۾ پنهنجي خاندان جو نسب نامو شيخ خيرالدين کان مٿي هن طرح لکي ٿو:

" شيخ خيرالدين بن ابي عاصم بن شيخ محمد بن وحيد الدين بن محمد مسعود بن ابوالقاسم بن محمد بن عبدالرحمٰن بن ابوبڪر صديق رضي الله عنه" ۽ پڻ هيءَ روايت نقل ڪري ٿو تہ اسان جي وڏي ڏاڏي مخدوم نوح عليه الرحمة پنهنجي هڪ فرزند کي حڪم فرمايو تہ هن طرح نسب نامو قلمبند ڪريو.(٤)

شيخ بهاءُ الدين دلق پوش پنهنجي رسالي ۾ مولانا عبدالغفور کان ۽ اهو مخدوم زاده ميان عبداللطيف کان ۽

---

(١) هي ٽي نالا: وحيدالدين بن ابي عاصم بن محمد سڪينة الروح تاليف مخدوم غلام حيدر تان وڌايا ويا آهن.(مرتب)

(٢) المعارف تاليف ابن قتيبيه وفات: ٢٧٦هه&٨٨٩ع ص ١٧٥ ڇاپو بيروت.

(٣) وفيات الاعيان جلد ١ ص ٢٩٩ ڇاپو مصر.

(٤) سڪينة الروح سنڌي قلمي تاليف حضرت مخدوم غلام حيدرصديقي هالائي

اهو مخدوم جمال کان نقل ڪري ٿو (اهو مخدوم جمال مخدوم فخرالدين ڪبير جي اولاد مان آهي.) ته مون غوث الحق (مخدوم نوح رح) کان ٻڌو ته مون هڪ ڀيري مڪاشفي جي حالت ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کان پڇيو ته ڇا اسان توهان جي اولاد مان آهيون؟ پاڻ فرمايائون ته هائو! توهان منهنجي پٽ عبدالرحمان جي اولاد مان آهيو. حضرت غوث الحق پڻ هي به فرمايو آهي ته مون کي حضور عليه الصلاة والسلام جن پڻ پنهنجي نسبت ۽ قرابت جي باري ۾ خبر ڏني آهي ته تون منهنجي اولاد مان به آهين.

ڪنهن تذڪري ۽ تاريخ ۾ نظر نٿو اچي ته سڀ کان پهريائين هن خاندان جي ڪهڙي بزرگ ڏاڏي. نندي کنڊ هندستان ۽ پاڪستان ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي؟ البت هيءَ روايت مشهور آهي ته هن خاندان جو باني عرب لشڪر ۾ شامل ٿي سنڌ ۾ آيو. پوءِ ڪوٽ ڪروڙ ۾ رهائش اختيار ڪري. اتي زندگي بسر ڪيائين. سڀ کان پهريون شخص، جنهن ڪوٽ ڪروڙ مان بوبڪ ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. سو مخدوم فخر الدين ڪبير هو. مخدوم صاحب وڏي شان وارو بزرگ ۽ ظاهري ۽ باطني علمن جو مالڪ هو. جنهن بوبڪ (سنڌ) ۾ وفات ڪئي. ٻي روايت مطابق سندس مزار سيوهڻ ۾ مخدوم سيد عثمان مرونديءَ جي مزار جي ويجهو آهي. والله اعلم.

ڪوٽ ڪروڙ جيتوڻيڪ هينئر پنجاب جي علائقي ۾ شامل آهي. پر اڳاٽي زماني ۾ ملتان وانگر سنڌ جي علائقي ۾ شامل هو. پڻ انهيءَ زماني ۾ ملتان سنڌ جي گاديءَ جو شهر هو.

ان کان پوءِ مخدوم فخرالدين ڪبير جي پٽ، مخدوم فخرالدين صغير هالا (سنڌ) ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. روايت آهي ته هڪ ڀيري مخدوم فخر الدين صغير سير سياحت ڪندي هالا آيو. اتان جا رهاڪو سندس ڪمالات ۽ فيوضات کان آگاه هئا. انهن ڏاڍي عاجزي ۽ زاريءَ سان ايلاظ منٿ ڪيا ته هتي سڪونت اختيار ڪريو. مخدوم موصوف سندن خواهش ۽ درخواست کي قبول ڪندي. هالا ۾ رهائش اختيار ڪئي. هڪ روايت مطابق مخدوم فخرالدين جي مزار هالا شهر جي ڏکڻ پاسي ۾آهي. سندس هڪ نياڻي ۽ چار پٽ هئا هر هڪ: شهاب الدين، نور محمد. حسام الدين، عزالدين. مخدوم شهاب الدين جي اولاد ۽ پونيرن کي گهڻي شهرت حاصل ٿي. جن جون قبرون مخدوم صاحب جي قبرستان ۾ آهن.

روايت آهي ته قريش جا پنج ڄڻا ڪوٽ ڪروڙ آيا ۽ پنهنجي رهائش جي جاءِ تي ترسي، اتي الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويا. جن جا نالا هي آهن: شيخ ابوبڪر ڪتاني، شيخ احمد، شيخ محمد، شيخ علي معروف به قاضي ۽ شيخ جلال الدين محمد. انهن پنجن بزرگن جون قبرون هڪ گهر ۾ آهن. جيڪي "پنج پير" مشهور آهن. سندن بزرگ ۽ مرشد شيخ ابوبڪر هو ۽ شيخ شمس الدين جي اولاد مان هو ۽ وڏي شهرت جو مالڪ هو. جيئن شيخ شمس الدين ڪردري پاڻ چوي ٿو ۽ سندس به پٽ هئا. هر هڪ شيخ فخرالدين ۽ شيخ اسماعيل. هڪ ٻئي قول مطابق سندس ٽي پٽ هئا. (١)

مخدوم نوح جي والد ماجد مخدوم نعمت الله رحمة الله عليه ۽ سندس خاندان جو احوال

مٿي لکي آيا آهيون ته مخدوم فخرالدين صغير هن خاندان جو پهريون شخص آهي، جنهن هالا ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي ۽ مخدوم غوث الحق نوح جون ست پيڙهيون هالا ۾ گذري چڪيون هيون. جن جي رهائش جي جاءِ کي " ٽوڙي ڳوٺ" چيو ويچي ٿو. مخدوم نعمت الله جي والده سگوري بي بي راڄي صاحبه لاکا قوم مان ۽ ان جي ناني سومرا قوم مان هئي. ٽوڙي ڳوٺ ۾ رهندڙ هڪ قوم "هالا" هئي. هالا پراڻا کي قديم محاوري ۾ "هالاڪنڊي" چوندا هئا. مخدوم نعمت الله، امين انڙ جي نياڻيءَ سان شادي ڪئي. جنهن جو نالو بي بي سڪينه هو.

نئين هالا کي حضرت مخدوم مير محمد عرف مير پير مخدوم نوح جي اولاد ۾ انين پيڙهي ۾ آباد ڪيو. جيڪو اندازاً ١١٩١هه. ٧٧-١٧٧٦ع ۾ انون سجاده نشين ٿي گذريو آهي. جيئن ته هالا پراڻا کي درياءَ سنڌ جي ٻوڏ جو خطرو رهندو آهي ۽ درياءَ انهن بزرگن جي قبرن کي ويجهو هو. تنهن ڪري سندن ميتن جا صندوق ڪڍي "نئون پٽ" نالي ڳوٺ ۾ آندائون. جتي حضرت غوث الحق نوح رحمة الله عليه جي وڏي پٽ مخدوم حامد جو مقبرو اڳي ئي موجود هو. انهيءَ نئين رهائش گاهه کي "مرتضيٰ آباد" جو نالو ڏنائون. پر جيئن ته اصلوڪو هنڌ هالا جي نالي سان مشهور هو. تنهن ڪري

(١) دليل الذاڪرين قلمي ص ١٣٣

انهيءَ هنڌ کي بہ هالا جي نالي سان شهرت ملي ۽ بنهي ۾ فرق "پراڻو هالا" ۽ "نئون هالا" جا نالا رکي ڪيو ويو.

مخدوم نوح رحمة الله عليه جي پيدائش:

مخدوم نوح عليه الرحمة سن ٩١١هه. ١٥٠٥ع ٢٧ رمضان جمعي جي ڏينهن پيدا ٿيو. سندس پيءُ مخدوم نعمت الله سندس پيدائش کي پوري خاندان لاءِ الله جي اڻ کٽ نعمت سمجهندي، سندس نالو "لطف الله" رکيو. پر عرف عام ۾ پاڻ "نوح" جي نالي سان مشهور ٿيو. اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي تہ مخدوم نوح رحمة الله عليه کان مروي آهي تہ مون تي اهو نالو الله تعاليٰ جي الهام جي ذريعي پيو آهي. سندن مريدن ۽ معتقدن جي زباني بيان ٿيل صفاتي نالا، جيڪي رساله فتحيه ۽ خليفه بهاءُ الدين دلق پوش جي رسالي ۾ نقل ٿيل آهن، سي گهڻا آهن. جهڙوڪ ارشاد الطالبين، بدر الموحدين، امين، انور وغيره(١) سندن مشهور نالو نوح آهي، جنهن کي اينڌڙ زماني ۾ گهڻي شهرت ملي.

تذڪرن ۽ تاريخ جي ڪتابن مطابق هن علائقي جي وڏن بزرگن کي خوابن ۾ مخدوم نوح رح جي پيدائش جي باري ۾ گهڻيون خوشخبريون مليون. عارف "پرڪيه ڪاتار" جي روايت مشهور آهي، پاڻ فرمائيندو هو تہ مخدوم نعمت الله کي لطف الله نالي هڪ سڳورو پٽ پيدا ٿيندو. جنهن کي سدائين الله تعاليٰ جو ديدار حاصل ٿيندو رهندو.

دليل الذاڪرين ۾ آهي تہ صاحب الوصال حضرت مخدوم بلال خليفه پنهنجي خليفي جو نالو سيد حيدر شاهہ رکيو. جنهن کي غوث الحق مخدوم نوح جي پيدائش جي خوشخبري ڏني ۽ ان کي ڪجهہ اتو ڏيندي تاڪيد ڪيائين تہ جڏهن اهو بزرگ تو وٽ اچي تہ ان کي ڏجانءِ. حضرت غوث الحق سهڻي اتفاق سان لڪيءَ ۾ آيو تہ متي بيان ڪيل سيد سڳوري اهو اتو ان کي ڏنو ۽ حق، حقدار کي پهتو. (٢)

تعليم ۽ تربيت : حضرت مخدوم نوح رح ستن سالن جو ٿيو تہ بزرگ ڪامل ۽ اڪمل "مخدوم عربي" کان علم حاصل ڪيائين. جيڪو ماڻهن ۾ "مخدوم شاهہ ڏني" جي نالي سان مشهور هو. ماڻهن ۾ هيءَ روايت مشهور آهي تہ حضرت مخدوم نوح رح صاحب جن مدرسي ۾ صرف قرآن مجيد ياد ڪيو ۽ باقي علم الله تعاليٰ جي فيض وسيلي حاصل ڪيائين. پڻ هڪ روايت آهي تہ مخدوم عليه الرحمة کي اهو رباني فيض سرور ڪائنات فخر موجودات ﷺ کان بغير واسطي جي حاصل ٿيو ۽ پاڻ چار شيون نبي پاڪ ﷺ جن کان پرايون هئائون: ١- مرشد جي بيعت کان سواءِ ذڪر جي تلقين ٢- قرآن حڪيم جي تفسير جو علم ٣- حديث جي علم جي تشريح ٤- خوابن جي تعبير جو علم. بين بہ ڪيترين روايتن مان انهيءَ "علم لدني" جي تائيد ٿئي ٿي. جيئن "دليل الايمان" قلمي ۾ آهي: اهو پير ولايت جو صاحب، ارشاد ۽ هدايت جو بزرگ، شبستان وحدت جي شمع، معرفت جو چنڊ، ديني علوم جي معرفتن جو عارف، يقين جي مسلڪ جو سالڪ، اهل الله جي قافلي جو سالار، خدا آگاهہ، ذاڪرين جي دفتر جو رازدار، قطب الاقطاب، غوث الزمان، حضرت مخدوم نوح قدس الله تعاليٰ اسراره بن مخدوم نعمت الله، سنڌ جي وڏن بزرگن ۽ اولياءَ الله مان آهي ۽ "اويسي مسلڪ" جو صاحب آهي ۽ اويسي انهيءَ بزرگ کي چوندا آهن، جنهن جو ڪو ظاهري مرشد نہ هجي ۽ سڌيءَ طرح رسول اڪرم ﷺ ۽ الله تعاليٰ کان فيض حاصل ڪري. (٣)

نقل: عارف بالله حضرت بهاءُ الدين دلق پوش حڪايت فرمائي ٿو تہ آءٌ هڪ ڏينهن سندن مجلس ۾ حاضر خدمت هيس. سيد علي شيرازي ٺٽوي جي پاءُ سيد جلال عرض ڪيو تہ بڌڻ ۾ آيو آهي تہ توهان صاحبن کي باطني فيض ۽ تلقين حضرت علي ڪرم الله وجهه کان حاصل ٿي آهي؟ فرمايائون تہ چوڏهن سالن جي عمر ۾ مخدوم عربي هالائي وٽ قرآن پڙهي رهيو هيس. هڪ ڏينهن ذوئڻ جي غرض سان فرحي درياءَ ۾ وجهي، ڪناري تي ويٺس تہ اوچتو اتي سج جهڙا روشن بہ جڻا ظاهر ٿيا. هڪ حضرت علي ڪرم الله وجهه هو ۽ ٻيو ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه. هڪ صاحب منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ۽ ٻئي صاحب منهنجو هٿ ٻئي هٿ ۾ جهليو ۽ چيائون تہ اي نوح! تو کي حضرت پيغمبر ﷺ جن سڏين ٿا. اتان هڪ مجلس ۾ پهتاسون. جتي هڪ ڪرسيءَ تي عيسيٰ عليه السلام ويٺو هو. پاڻ منهنجي هٿ

(١) سڪينة الروح سنڌي تاليف مخدوم غلام حيدر هالائي ص ٤٨ تا ٥٠
(٢) دليل الذاڪرين قلمي ص ٥٠
(٣) دليل الايمان قلمي ص ١٩٠ -١٩١

مان فرحي وني ان تي سترهن سٽون لکيائين ۽ هر سٽ ۾ ١٧ سترهن علم هئا. پوءِ مون کي انهن علمن جي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين. تڏهن منهنجي دل ۾ هي سوال پيدا ٿيو تہ ٻنهي بزرگن مون کي ٻڌايو تہ توکي رسول الله ﷺ جن سڏين ٿا. پر هتي تہ عيسيٰ عليـه السلام جن وينل آهن. انهيءَ خيال جي اچڻ شرط هڪ سجيل، سجايل تخت تي رسول الله ﷺ جن وينل نظر آيا. منهنجي هٿ مان فرحي وني وڏيڪ چار سٽون ٻيون لکي، فرحي منهنجي حوالي ڪيائون ۽ گهڻي مهربانيءَ سان هر سٽ جو سبق پڙهايائون. پوءِ مون تي رباني راز ۽ باطني اسرار کلندا ويا ۽ مون کي هر گهڙيءَ سمورا ظاهري ۽ باطني علم حاصل ٿيندا رهيا. انهيءَ ڏينهن کان وني، هن فقيرکي حق تعاليٰ جي طرفان ڪلمي لا الـه الا الله جي تلقين ڏي ۽ حڪم ٿيو تہ پنهنجن مريدن کي بہ اهائي تلقين ڪر.(١)

انهن حوالن ۽ روايتن مان ظاهر آهي تہ حضرت مخدوم معظم " اويسي مشرب" اولياءَ الله هو. پر اويسي مشرب جو هجڻ، ظاهري تعليم وٺڻ کان نٽو روڪي. مخدوم معظم جي علمي خدمتن جهڙوڪ قرآن مجيد جي ترجمي ۽ ٻين روايتن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ ڪيترن قرآني علمن ۽ تفسيري نڪات کي بيان ڪيو اٿن. جنهن مان ظاهر آهي تہ ڪين قرآن مجيد ياد هو ۽ ظاهري علوم مان وڏو ڀاڱو ۽ بهرو نصيب هو. جيتوڻيڪ باقاعده علمي فراغت حاصل نہ ڪئي هئائون. پر خانقاه جي آڳاٽي دستور مطابق هر قسم جي علمن مان گهڻي ۾ گهڻي سعادت حاصل ڪيائون.

گهراڻو: حضرت مخدوم نوح عليـه الرحمة جون چار گهر واريون هيون. پهرين زال ترڪ قبيلي مان هئي، جنهن جو عرف "باجار" هو، جنهن مان ڪيس چار پٽ ۽ چار نياڻيون هيون. هرهڪ ١- حضرت مخدوم امين محمد جيڪو سندن خليفو ۽ سجاده نشين هو. 2- مخدوم حامد ٣- مخدوم نور محمد ٤- مخدوم احمد ٥- بي بي تاج خاتون زال ميان محمود ٦- بيبي رقيه منڪوحه ميان قاسم بن عبدالله ٧- بي بي مريم منسوب سيد عبدالله بن يعقوب از سادات متعلوي ٨- بي بي صحت خاتون منسوب ميان صالح محمد بن قاسم.

ٻي زال مان ڪين پنج پٽ هئا، هر هڪ: ١- مخدوم دائود ٢- مخدوم موسيٰ ٣- مخدوم هارون ٤- مخدوم يوسف ٥- مخدوم آدم.

ٽين زال مان ٽي پٽ ۽ هڪ ڌيءَ هئي. هر هڪ: ١- مخدوم ميران محمد ٢- مخدوم ابراهيم لقب اڌم ثاني ٣- مخدوم جلال الدين محمد ٤- بي بي ٻائي. منڪوحه مخدوم الهداد بن مخدوم بلال جيڪو مخدوم معظم جو وڏو ڀاءُ هو.

چوٿين زال سهتہ قوم مان هئي. جنهن مان ڪو اولاد نہ هو. ٻارنهن پٽ وڏي ڄمار کي پهتا ۽ باقي ننڍپڻ ۾ گذاري ويا.(٢)

طريقت ۽ سلوڪ: حضرت غوث الحق جيتوڻيڪ اويسي مشرب جو هو ۽ رسول الله ﷺ جن کان سڌيءَ طرح فيض حاصل ڪيو هئائين، جيئن بيان گذريو. پر سندن خاندان آڳاٽي زماني کان سهروردي طريقي تي قائم آهي. سنڌ ۾ سڀ کان پهريائين هن طريقي کي مخدوم نوح بڪري رح رواج ڏنو. جنهن شيخ الطريقة شيخ شهاب الدين سهرورديءَ رح کان تلقين ۽ خلافت جو خرقو حاصل ڪيو ۽ بکر سنڌ ۾ پنهنجو آستانو قائم ڪيائين ۽ هن علائقي جي ماڻهن کي عرفان ۽ سلوڪ جي فيض کان سيراب ڪيائين. سنڌ جو مؤرخ مير علي شير قانع لکي ٿو تہ:

شيخ الشيوخ، شيخ نوح بکري سهروردي شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي وڏن مريدن ۽ اولياءَ الله مان آهي، جنهن "فرشتہ" يعني آڳاٽي بکر ۾ سکونت اختيار ڪئي.

نقل آهي تہ غوث العالم شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني شيخ شهاب الدين سهرورديءَ سان بيعت ٿيڻ کان پوءِ موٽڻ لڳو تہ شيخ موصوف ڪيس فرمايو تہ اسان جو هڪ سنو مريد " فرشتہ" (بکر) سنڌ ۾ آهي، جنهن کي ڏسندين تہ ڏيئو، وٽ ۽ تيل پاڻ آڻيندو. رڳو ڪيس تيلي ٻارڻ جي ضرورت آهي. الله جي قدرت جڏهن شيخ بهاءُ الدين زڪريا بکر، سنڌ پهتو تہ شيخ نوح رحمة الله عليـه پنهنجي ٻيڙيءَ کي اجل جي طوفان مان ڪڍي جودي جبل تي بيهاريو.(٣)

چاڻڻ گهرجي تہ تصوف جي تاريخ ۾ ٽي مشرب يا طريقا گهڻي شهرت رکن ٿا: ١- بايزيد بسطاميءَ جو مسلڪ.

---

(١) دليل الايمان وارشاد الطالبين قلمي ص ١٩١

(٢) دليل الذاڪرين قلمي ص ١٥١

(١) تحفة الڪرام فارسي تاليف مير علي شيرقانع ٺٽوي ص ١٣٥ ج ٣ مطبع ناصري دهلي

جنهن کي " قلندري" ۽ "ملامتي" طريقي جو نالو ڏنو وجي ٿو. شيخ بايزيد بسطامي ٽين صدي هجريءَ جي وڏن اهل الله مان آهي. عمر ۾ شيخ جنيد بغداديءَ کان وڏو هو. شيخ ابوناصر سراج طوسي (وفات:٣٧٨هه.١٩٨٨ع) پنهنجي ڪتاب "اللمع" (عربي) ۾ لکي ٿو ته: قال ابويزيد بسطامي رحمه الله تعاليٰ صحبت ابا علي السندي فكنت القنه ما يقيم به فرضه وكان يعلمني التوحيد والحقائق صدقا(٢)" مون ابوعلي سنڌي جي صحبت حاصل ڪئي آهي. مون کيس قرآن مجيد جون سورتون سيکاريون. جن جي ذريعي فرض نماز پڙهي سگهي ۽ انهيءَ مون کي توحيد يعني وحدت الوجود ۽ خالص حقائق جي تعليم ڏني." ساڳيو مصنف ساڳئي ڪتاب جي ص ٣٠١ تي شيخ ابوعلي سنڌي کي بايزيد بسطاميءَ جو استاد قرار ڏئي ٿو. لکي ٿو: وحكي عن ابي يزيد البسطامي رحمه الله انه قال دخل علي ابو علي السندي رحمه الله وكان استاذه (٣) " ابويزيد بسطاميءَ رحمة الله عليه کان روايت ڪئي وئي آهي ته مون وٽ ابو علي سنڌي رح آيو ۽ اهو سندس استاد هو." انهيءَ مان معلوم ٿيو ته فيض، سلوڪ، عرفان ۽ تصوف جي روشني اسان جي سنڌ مان شروع ٿي. تصوف جي ٻيو مرڪز شيخ ابوالقاسم جنيد بغدادي جو هو. جنهن تعليم ۽ تبليغ لاءِ مسجدن جي منبرن کي بنياد قرار ڏنو.

تصوف جو ٽيون مرڪز نيشاپور ۾ هو. جنهن جو باني شيخ ابونصر سراج طوسي هو. انهيءَ بزرگ تصوف جي موضوع تي ڪتاب لکيا ۽ انهن جي ذريعي پنهنجي تصوف ۽ عرفان جي اشاعت ڪيائين. تصوف تي سڀ کان پهريون ۽ مشهور ڪتاب " اللمع" عربي آهي. ان جو ۽ ان جي مصنف جو بيان مٿي ٿيو. بيشڪ پاڻ صوفين جو وڏو استاد ۽ معلم ٿي گذريو آهي. شيخ علي بن عثمان جلابي هجويري (گنج بخش لاهوري. وفات ٤٦٥هه.١٠٧٢ع) پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "كشف المحجوب" ۾ "اللمع" جي پيروي ڪئي ۽ ان تان فائدو ورتو. ابو علي سلمي (وفات ٣١٢هه.١٠٢١ع) ابونصر سراج طوسيءَ جو شاگرد هو. شيخ عبدالڪريم ابن هوازن ابوالقاسم قشيري. شيخ ابوعلي سلمي طبقات جي مصنف جو شاگرد هو. اهو تصوف جو پهريون دور هو. ڇهين صدي هجريءَ جي آخر ۾ شيخ شهاب الدين سهروردي (وفات ٦٣٢هه) عالم وجود ۾ نروار ٿيو. جنهن انهن سڀني مشربن ۽ مسلڪن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ۽ هر مسلڪ جا ڪتاب لکيا. سندس هڪ ڪتاب "عوارف المعارف" تصوف ۽ سلوڪ جي حوالي سان گهڻو مشهور آهي.(جنهن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي.) ستين صدي هجريءَ جي شروعات ۾ مخدوم نوح بڪري سنڌي شيخ شهاب الدين سهرورديءَ کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيو ۽ سنڌ ۾ سهروردي طريقي مطابق رشد ۽ هدايت جو بنياد رکيو ۽ عرفان ۽ سلوڪ جي انهيءَ طريقي ۾ نئين طرز ايجاد ڪيائين. پوءِ مخدوم بهاءُ الدين زڪريا ملتاني جو دور آيو. جنهن جي ذريعي طريقت جو اهو سلسلو سنڌ ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ پکڙيو. پر ڪجھ زمانو گذرڻ جي ڪري سهروردي طريقي ۾ اها رونق باقي نه رهي. تانجو انهيءَ مسلڪ ۽ طريقي جي هڪ وڏي بزرگ غوث الحق مخدوم نوح هالائي. هالا ۾ پنهنجي خانقاه قائم ڪئي. واضح هجي ته شيخ الشيوخ شهاب الدين سهروردي وانگر مخدوم نوح سرور هالائي پڻ صديقي خاندان سان لاڳاپو رکي ٿو ۽ ٻئي بزرگ هڪڙي ئي مسلڪ سان واسطو به رکن ٿا. مخدوم نوح سروري هالائيءَ جي فيض ۽ سلوڪ جي سج پوري سنڌ. بلڪ ان سان لڳولڳ علائقن کي پڻ روشن ڪيو ۽ لکن جي تعداد ۾ ماڻهن کي پنهنجو مريد ۽ متعقد ڪري. انهيءَ عظيم بزرگ سهروردي طريقت ۾ جان وڌي. مخدوم نوح عليه الرحمة رڳو سلوڪ ۽ فيض تي ڪفايت نه ڪئي. پر پاڻ علمي خدمتون به سرانجام ڏنائين. جنهن جو هڪ مثال قرآن مجيد جو هيءُ فارسي ترجمو به آهي. (جنهن جو سنڌي ترجمو توهان جي هٿن ۾ آهي.) انهيءَ زماني ۾ فارسي سرڪاري ۽ علمي ٻولي هئي ۽ ظاهر آهي ته قرآن حڪيم تصوف جي سڀني ڪتابن جو اصل ۽ بنياد آهي.

سنت رسول ﷺ جي پيروي : سراج العارفين ۾ آهي(٣) ته سيد طيب چوي ٿو ته حضرت غوث الحق مخدوم نوح ننڍپڻ کان وفات تائين ڪو ڪم شريعت جي برخلاف نه ڪيو. اڪيلائيءَ ۾ هجن يا ماڻهن جي ميڙ ۾، هميشه تفسيري

(١) ڪتاب اللمع عربي ص ٢٣٥ طبع مصر
(٢) اللمع ص ٣٠١
(٣) سراج العارفين قلمي ص١٩٠-١٩١

رموز ۽ اسرار يا نبي پاڪ ﷺ جن جون حديثون ۽ بزرگن جا قول بيان ڪندا هئا. ان ڪان سواءِ ٻيو ڪو به ڪم نه ڪندا هئا.

هڪ ڀيري مخدوم نوح رح جي مجلس ۾ هڪ شخص عرض ڪيو ته درويش رڪن الدين پٽ وهيون چوي ٿو ته جيڪڏهن آءٌ الله تعاليٰ کان دعا ڪريان ته هر ساهه واري شيءِ کي ماري ڇڏ ته بيشڪ الله تعاليٰ منهنجي اها دعا قبول فرمائيندو ۽ شيخ پرڪيه ڪاتار جو قول نقل ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن آءٌ رب تعاليٰ کان دعا گهران ته سيني مئن کي جيئرو ڪر ته ضرور منهنجو رب منهنجي دعا قبول فرمائيندو. حضرت مخدوم نوح رح اهي ڳالهيون ٻڌي فرمايو ته اهي ڪارناما انجام ڏيڻ جي بجاءِ ماڻهن جي مئل ۽ غافل دلين کي رب العالمين جي ذڪر سان زنده ڪجي ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي. پوءِ فرمايائون ته جنهن شيءِ جي شريعت سڳوري اجازت نٿي ڏئي، تنهن کي زبان تي آڻڻ ئي نه گهرجي.

هڪ ڀيري سندن مجلس ۾ ڳالهه نڪتي ته مخدوم ساهڙ لنجار انهن سببن جي ڪري وضو نه ڪندو آهي. جن سان وضو ٽٽندو آهي ۽ چوندو آهي ته مون اهڙي پاڻيءَ سان وضو ڪيو آهي، جنهن سان وضو نه ٽٽندو آهي. (شايد اها ڳالهه صوفين جي "سڪر" جي حالت ۾ چئي اٿس - مرتب) اها ڳالهه ٻڌي مخدوم نوح رح فرمايو ته مخدوم ساهڙ صحيح ٿو چوي. پر منهنجي ڪن فقيرن انهيءَ هنڌان سوين ڀيرا وضو ۽ غسل ڪيو آهي. جتان مخدوم ساهڙ هڪ ڀيرو وضو ڪيو آهي، مگر شرعي لحاظ سان انهن سببن جي ڪري وضو ڪرڻ ضروري آهي. جن سان وضو ٽٽي ٿو ۽ جيڪو ڪم شريعت جي برخلاف هجي، ان کان بچڻ گهرجي.

مخدوم معظم جي مجلس ۾ هڪ ڀيرو اها ڳالهه نڪتي ته مخدوم ساهڙ جهنگ جَرَ جو ڪچو گاهه ۽ سڪل اناج ڪائيندو آهي ۽ ڪاڌو پچائي نه ڪائيندو آهي. اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون ته پڪل ڪاڌو سندس نصيب ۾ ئي نه آهي. النصيب يصيب ولوکان بين الجبلين وغير النصيب لا يصيب ولوکان بين الشفتين (١) يعني جيڪا شيءِ نصيب ۾ هوندي آهي، سا ضرور پهچندي آهي. جيتوڻيڪ ٻن جبلن جي وچ ۾ ئي هجي ۽ جيڪا نصيب ۾ نه هوندي آهي، سا ڪڏهن به نه پهچندي آهي، جيتوڻيڪ ٻن چپن جي وچ ۾ هجي.

فرمايائون ته ولي ڪامل اهو آهي، جيڪو ظاهر ۽ باطن ۾ رسول الله ﷺ جن جي سنت سڳوريءَ جي پيرويءَ ۾ ايترو ڪامل هجي جو سنت سڳوريءَ کان سواءِ نه ڪو ڪردار ادا ڪري ۽ نه ڪا گفتار چوي. ڪانئس ڪا به بدعت ظاهر نه ٿئي، جيتوڻيڪ اها بدعت ذري ڪان به ننڍڙي هجي. پڻ فرمايائون ته هيڪر عيسيٰ عليه السلام جي اڪيلي زندگي ڏسي اسان جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته جيڪر اسان به اڪيلي زندگي گذاريون پر رسول الله ﷺ جن ۽ سندن اصحابن سڳورن جي پيروي انهيءَ ڳالهه جي اجازت نٿي ڏئي، ڇاڪاڻ ته اسلام ۾ رهبانيت نه آهي.

پاڻ رڳو لا الــه الا الله جي ذڪر جي تلقين ڪندا هئا، ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبر پاڪ کي پاڻ تعليم ڏني آهي ته: فاعلم انه لا الـــه الا الله (ڄاڻ ته الله کان سواءِ ڪو معبود نه آهي) ۽ ذڪر جي ٻين طريقن کي پسند نه ڪندا هئا. (٢)

هڪ ڀيري پنهنجي هڪ فقير کي ڏٺائون ته تسبيح ڳچيءَ ۾ وڌي اٿس. ڪيس منع ڪندي فرمايائون ته تسبيح هٿ ۾ کڻ، ڇاڪاڻ ته اها سهڻي بدعت آهي. تو تسبيح ڳچيءَ ۾ ڇاجي ڪري وڌي آهي؟ اها ته بڇڙي بدعت ۽ ذمين جي عادت آهي، جيڪي ڪنڌ ۾ تسبيح وجهندا آهن(٣)

توڪل جو مقام: هڪ ڀيري حضرت مخدوم معظم تپ جي حالت ۾ حجري ۾ ليٽل هئا. گهر مان هڪ خادم ٻارڙو اچي حاضر ٿيو. ڪيس فرمايائون ته تون ۽ اسان ٻئي الله جا ٻانها آهيون. تنهنجي ڪفالت اسان جي ذمي ۽ منهنجي خدمت تنهنجي ذمي آهي. پوءِ ٿورو پاڻي آڻي ڏي. ٻارڙو اهو ٻڌي ڪلي پهچي ويو ۽ ڪين پاڻي آڻي نه ڏنائين. مخدوم معظم جن فرمايو ته "الحمد لله! سڄي عمر ۾ هڪڙو سوال ڪيو هيم ۽ اهو به قبول نه پيو." پوءِ ٿانءُ کڻي مَـٽَ مان پاڻي

(١) سراج العارفين قلمي ص٢٠١
(٢) سراج العارفين قلمي ص ٢٠٣
(٣) سراج العارفين قلمي ص ٢٠٥

پرڻ لاءِ پاڻ اٿيا. اهو ڏسي حاضرين مان هڪ شخص پاڻي آڻي ڏنو. پر نہ پيتائون ۽ فرمايائون تہ هاري ڇڏ. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ طمع جي بوءِ بانس آهي. (١)

ساڳئي ڪتاب دليل الذاڪرين ۾ آهي تہ سندن خدمت اقدس ۾ هڪ مهمان آيو. مهمان نوازي ڪرڻ لاءِ گهر جي اندر داخل ٿيا. گهر وارن کان پڇيائون تہ ڇا کائڻ جي ڪا شيءِ آهي؟ چيائون تہ گهڻو ڪجهہ آهي. فرمايائون تہ ڇا سير سوا ڪاڏو خوراڪ موجود آهي؟ نيڪ بخت زال چيو تہ مخدوم صاحب! ان کان بہ گهڻو ئي ڪجهہ آهي. آخرڪار گهڻي سوال. جواب کان پوءِ انهيءَ سانڍڻ چار سير ڪاڏو آڻي پيش ڪيو ۽ وڏيڪ عرض ڪيائين تہ الله تعاليٰ جو گهڻوئي ڪجهہ عطا ڪيل آهي. مخدوم معظم جن اهو ٻڌي فرمايو تہ گهر ۾ ايترو ڪاڏو رکڻ توڪل جي اصول جي برخلاف آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻئي ڏينهن لاءِ بچائي رکڻ جو مطلب آهي تہ اسان کي روزي رسائيندڙ. الله سائين جي سڳوري ذات تي ويساهہ نہ آهي. پوءِ فقيرن کي گهر وارن جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ سڏيائون ۽ جيڪي ڪجهہ موجود هو، سو ٻين کي ڏئي ڇڏيائون. (٢)

خليفا: حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليہ جي مريدن ۽ معتقدن جي تعداد جيئن مٿي بيان ٿيو. شمار کان ٻاهر آهي پر سندن خاص ۽ مقرب خليفن مان ڪي هي آهن: ١- سيد ابوبڪر لڪعلوي ٢- درويش عمر ٣ - درويش عثمان ٤- بهاءُ الدين دلق پوش ٥ - شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو ٦- شاهہ خيرالدين جيلاني سڪر ٧- مخدوم ساهڙ ٨ - حاجي نعمت الله چشتي پنجابي. پاڻ شيخ عيسيٰ جندالله سنڌيءَ جو مصاحب هو. ٩ - ميرن ڪاتيار ١٠ - فقير يونس تارڪي. ١١ - سيد علي شيرازي ثاني.

حضرت مخدوم نوح رح جو اختياري فقر: حضرت مخدوم سرور نوح رح پنهنجي زندگي ڏاڍي سادگي ۽ فقيريءَ ۾ گذاري ۽ سندن اهو فقر اختياري هو. ڇاڪاڻ تہ سندن مريدن ۽ معتقدن جو تعداد گهڻو هو. جن ۾ مالدار ۽ سرنديءَ وارا بہ هئا. جن وٽان نذر نياز ايندي رهندي هئي. پر مخدوم محترم سنت رسول ﷺ مطابق ملندڙ سڀ مال. متاع محتاجن ۽ ضرورتمندن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. روايت آهي تہ ڪڏهن سندن گهر ۾ ڪاڏي خوراڪ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو هو. هڪ ڀيري عيدالفطر جي موقعي تي گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو. اها حالت ڏسي مخدوم صاحب کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ فرمايائون تہ الله جي ساراهہ آهي، جو رسول الله ﷺ جن جي هڪ سنت ادا ٿي. غرض تہ زندگيءَ جي هڪ هڪ گهڙي سنت نبويءَ مطابق گذاريندا هئا ۽ سدائين الله جي ذڪر ۾ مشغول رهندا هئا. خاص ڪري پنهنجي عمر جي آخري زماني ۾.

مخدوم نوح رحمة الله عليہ جن جي باري ۾ هڪ همعصر جي راءِ: سيد عبدالقادر نصرپوري (سن ١٠١١هہ،١٦٠٢ع) پنهنجي ڪتاب حديقة الاولياءِ ۾ لکي ٿو تہ بخشڻهار رب تعاليٰ ۽ غيرتمند الله بادشاهہ جي حڪمت جي تقاضا آهي تہ پنهنجن پيارن ٻانهن جو غير الله سان تعلق هميشہ لاءِ ختم ڪندو آهي ۽ سندن خواهشن کي روڪي، ڪين پنهنجي حضور ۾ حاضر ڪندو آهي. اهوئي سبب آهي تہ عالم ملڪوت ۽ سالڪ مقام جبروت، حضرت مخدوم نوح رح جن پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾. ڇڻ تہ پنهنجي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي قوتن تي مهر هڻي ڇڏي هئي، جيئن غير الله تي ڪا نظر نہ پوي ۽ غير الله جو ڪو ٻول، ڪو قول سندن ڪنن تي نہ پوي.

مخدوم معظم جو مٿيون همعصر بزرگ قرآن مجيد جي ڄاڻ بابت سندن باري ۾ لکي ٿو: "الله تعاليٰ جي فضل سان سندن باطن ايترو منور ۽ روشن هو. جو الله جي ڪلام پاڪ کي اهڙي نموني بيان فرمائيندا هئا. جو ليڪڪ، عالم سڳورا ۽ تفسير پڙهندڙ حضرات بہ عاجز اچي ويندا هئا. حالانڪ مخدوم صاحب جن ظاهري علم حاصل نہ ڪيا هئا. پڻ ديني مدرسن مان تحصيل بہ نہ ڪئي هئائون ۽ هميشہ هن مشغوليءَ ۾ مشغول هوندا هئا تہ خدا تعاليٰ جي خلق کي نصيحت ڪجي ۽ ماڻهن کي خالق اڪبر جي دربار جي واٽ وٺائجي.

وفات: "حديقة الاولياءِ" ۾ آهي تہ حضرت مخدوم رحمة الله عليہ جن ٢٧ ذو القعد تي خميس جي ڏينهن صبح جي

(١) دليل الذاڪرين قلمي ص ٣٩

(٣) حديقة الاولياءِ فارسي مؤلف سيد عبدالقادر ٺٽوي، ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ ص ١٣٣

وقت رحلت فرمائي. هن ليکڪ هنن لفظن ۾ سندس تاريخ وفات بيان ڪئي آهي: "شيخي بنوح بود" پاڻ سن ٩٩٨هه ١٥٨٩ع ۾، وحدت ذوالجلال جي صاف شفاف پيالي کي پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ وٺي پيتائون ۽ خوشيءَ سان، مشڪندي رضا واري جهان رضوان ڏانهن روانا ٿيا ۽ روحانيت جي پانڌيڙن کي خوشخبري ۽ خوشيءَ جو پيغام ڏنائون.

سندس تذڪرو لکندڙن جي روايت آهي ته حضرت مخدوم صاحب جن باجماعت عشا پڙهي گهر اچڻ کان اڳ مسجد جي دروازي تي ويهي هي سنڌي بيت پڙهيو:

نہ سي جوڳي جوءِ ۾، نہ سا سڪي چاٽ
ڪاپڙي ڪنواٽ، وڏي ويل پلاٽيا

(درويش ۽ فقير هن دنيا جي لذتن کان رنج ٿي، آخرت جو سفر شروع ڪن ٿا ۽ پنهنجن جوان اٺن کي هن سفر لاءِ رات جي شروعاتي گهڙين ۾ پلاڻين ٿا.)

جڏهن پنهنجي گهر جي دروازي تي پهتا ته پنهنجي هڪ مريد ۽ معتقد نالي سيد ابوبڪر لڪعلويءَ کي سنڌي بيت ۾ هن طرح آواز ڏنائون:

ابوبڪر آءُ! سامين سفر سنباهيو
متان ٿي پئان، سڪين سناسين کي

(اي ابوبڪر! اڄ درويش سفر لاءِ تياري ڪري چڪو آهي. ڪنهن حادثي جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ پهچي وڃ، نہ تہ درويش کان پوءِ افسوس جا هٿ مليندين.)

نمازي سندن انهيءَ بيت جو مقصد سمجهي نہ سگهيا. جاڪاڻ تہ مخدوم صاحب جن سنڌي بيت گهڻ پڙهندا هئا. پر روايت مطابق سيد ابوبڪر لڪعلوي مخدوم صاحب جي انهيءَ بيت جي معنيٰ مڪاشفي ذريعي سمجهي ورتي ۽ جواب ۾ هي سنڌي بيت پڙهي خدمت ۾ حاضر ٿيو:

اچان تو اچان، ڪجو ڪا جتاءَ،
متان ٿي پئان، سڪان سنياسين کي

سندن مزار شريف پراڻي هالا ۾ آهي. نور الله مضجعه (الله سندن مرقد کي روشن ڪري.) ڪجهه سالن کان پوءِ درياءَ جي ٻوڏ سبب سندس جسد مبارڪ جي صندوق کي اتان ٻاهر ڪڍي ڳوٺ اسلام آباد (هالا نوان) ۾ دفنايو ويو.

قرآني علوم، دانش، فضل، علمي ۽ عرفاني ڪمالات: جيڪي علم الله تعاليٰ مخدوم معظم قدس الله سره تي واضح فرمايا، انهن مان قرآني علوم، دانش، فضل ۽ مشڪل آيتن جو تفسير، خاص طرح وڏي اهميت وارو آهي. حضرت مخدوم موصوف جن طالب علميءَ جي زماني کان ئي قرآن مجيد جي علم تفسير سان گهڻي دلچسپي رکندا هئا ۽ ان ڏس ۾ کين الله تعاليٰ ايترو ڪمال ۽ مهارت عطا فرمائي، جو هر ڳالهہ لاءِ قرآن مجيد جي آيت مان دليل وٺندا هئا. تانجو تفسير جي فن ۾ ايتري شهرت حاصل ڪيائون، جو هن علائقي جا وڏا وڏا عالم پنهنجن شاگردن سميت سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا ۽ مشڪل آيتن جو تفسير پڇندا هئا. پهريائين تہ مخدوم معظم جواب ڏيندو هو تہ اهو ڪم عالمن جو آهي، پر جڏهن توهان پڇوٿا تہ پوءِ جواب عرض رکجي ٿو. پوءِ پڇيل آيتن جو تفسير اهڙي سهڻي نموني ۾ بيان ڪندا هئا، جو سڀ عالم حيرت ۾ غرق ٿي ويندا هئا. تقرير ۾ ڪيترن تفسيرن جو نالو وٺندا هئا تہ فلاڻي تفسير ۾ هن طرح آهي ۽ فلاڻي تفسير ۾ هيءَ ڳالهہ لکيل آهي ۽ پڙهيل تفسيرن مان حقيقت ۽ طريقت جون معنائون بيان ڪندا هئا ۽ پنهنجي مجلس ۾ نعمت جي اظهار طور فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن پنهنجي پوري زندگي سورة الفاتحة جو تفسير بيان ڪرڻ ۾ گذاريان، تڏهن بہ ان جو تفسير پورو ٿي نہ سگهندو. "سراج العارفين" ۾ آهي تہ الله تعاليٰ حضرت غوث الحق جي دل تي جن علمن جا دروازا کوليا، تن مان ڪي هي آهن: علم مطلق، علم تفسير قرآن، علم حديث، علم فقه، علم معارف وحقائق.

علم مطلق ۾ هڪ مسئلو سماع جي تحقيق جي باري ۾ آهي (يعني ڳائڻ جو ٻڌڻ جائز آهي يا ناجائز آهي؟) هڪ ڀيري حضرت مخدوم رحمة الله عليه جن کان سماع جي باري ۾ پڇيو ويو. پاڻ فرمايائون تہ ڪن ماڻهن لاءِ سماع حلال آهي ۽ ڪن لاءِ حرام آهي. جيئن تہ اهو جواب مجمل آهي، تنهن ڪري سندن بعض باڪمال مريدن ۽ معتقدن ان

جي تفصيل هن طرح بيان ڪئي آهي ته سماع انهن ماڻهن لاءِ حرام آهي. جيڪي سماع کي راند روند سمجهندا آهن ۽ جنهن سان شهواني خيال پيدا ٿيندا آهن ۽ جيڪي سماع ٻڌڻ جي حقيقت ۽ مطلب کان بيخبر آهن. تنهن ڪري اهي ماڻهن کي سماع ٻڌڻ جو حڪم ڏيندا آهن ۽ ان کان لذت حاصل ڪندا آهن ۽ سماع مباح انهن لاءِ آهي. جن کي معلوم آهي ته سماع جي باري ۾ فقراءَ ۽ صلحاءَ جا ادب ڪهڙا آهن ۽ جيڪي سماع جي لذت ۽ دنياوي خواهشن کان پاڪ آهن ۽ آخرت ڏانهن لاڙو رکندا آهن. هڪ ڀيري حضرت مخدوم رحمة الله عليه جن قرآن مجيد جي بعض آيتن ۾ ظاهري اختلاف کي ختم ڪرڻ لاءِ تقرير فرمائي رهيا هئا. فرمايائون ته سورة توبه (آيت:١٠٠) ۾ آهي:

وَالسَّابِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهَاجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ وَالَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَنَّاتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَنْهَارُ خَالِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ* اڳتي آهي ته: وَآخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّآخَرَ سَيِّئًا عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْهِمْ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ* (١) ۽ ٽين آيت آهي ته: وَآخَرُوْنَ مُرْجَوْنَ لِاَمْرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمْ وَاِمَّا يَتُوْبُ عَلَيْهِمْ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ* (٢)

انهن ٽنهي آيتن ۾ ٽن جدا جدا ٽولين جو بيان آهي. پهرين ٽوليءَ وارا " نيڪيءَ ۾ اڳرائي ڪندڙ" آهن ۽ آخري ٽوليءَ وارا " نيڪيءَ کان پوئتي رهندڙ آهن ۽ ٻي ٽوليءَ کي "وچين ٽولي" فرمايو ويو آهي. يعني پهرين ٽوليءَ جا عمل صاف شفاف آهن. تنهن ڪري اهي رب تعاليٰ جي رضا ۾ داخل ٿيا ۽ ٻي ٽولي دوکي ۽ گناهن ۾ ملوث آهي ۽ انهن جي لاءِ معافيءَ جي اميد آهي. رهي ٽين ٽولي ته سندن حالت خطري ۾ آهي. سندن لاءِ نجات ڏيندڙ ڪو به عمل نه آهي. الله گهرندو ته ڪين معاف فرمائيندو ۽ گهرندو ته ڪين عذاب ڪندو. يا ڪنهن نبيءَ يا وليءَ سڳوري جي شفاعت جي ذريعي سندس بخشش ٿيندي. انهن جو ذڪر مٿانهين ٽوليءَ کان شروع ٿيو ۽ هيٺين ٽوليءَ تي ختم ٿيو.پر سوره فاطر ۾ سندن ذڪر بيان ڪيل ترتيب جي ابتڙ آهي. اتي شروعات گهٽ درجي واري ٽوليءَ جي ذڪر سان ٿي آهي ۽ آخر ۾ مٿانهين درجي واري ٽوليءَ جو ذڪر ٿيو آهي. يعني ظَالِمٌ لِّنَفْسِهِ سان بيان شروع ٿئي ٿو ۽ "سَابِقٌ بِالْخَيْرَاتِ" تي ختم ٿئي ٿو. تنهن ڪري مٿي بيان ڪيل آيتن ۽ هن آيت ۾ ڪو اختلاف ۽ تعارض نه آهي. بس سورة فاطر ۾ اجمال آهي ۽ سورة التوبه ۾ تفصيل آهي (٣)

سراج العارفين ۾ آهي ته حضرت مخدوم معظم بعض اوقات ڪنهن آيت جون سوين معنائون ۽ اسرار بيان ڪندا هئا. هڪ ڀيري پنهنجي مجلس ۾ آيت سڳوري: وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ کي ٽي سؤ سٺ طريقن سان بيان ڪيائون. جڏهن ٻڌندڙن ۽ مريدن تعجب وچان پڇيو ته مخدوم معظم کي اها تعليم ڪٿان حاصل ٿي آهي؟ فرمايائون ته "علمني ربي" (مون کي منهنجي رب اها تعليم ڏني آهي.) (٣)

پڻ سراج العارفين ۾ هڪ علمي لطيفو بيان ٿيل آهي ته اڪثر مفسر لفظ "جاهل" جي معنيٰ اڻ پڙهيل ڪن ٿا. ان ڏس ۾ مخدوم محترم کان پڇيو ويو. فرمايائون ته اسان ان لفظ جي معنيٰ ۾ انصاف ڪريون ٿا. سندن طريقو هو ته جيڪڏهن ڪانئن ڪو مسئلو پڇيو ويندو هو. يا ڪنهن به قسم جو سوال ٿيندو هو ته مخاطب جي سمجهه آهر آيت سڳوري پڙهندا هئا. پوءِ ان جو تفسير بيان ڪندا هئا ۽ معتبر تفسيرن مان حوالا نقل ڪندا هئا. تانجو پڇندڙ کي اطمينان نصيب ٿيندو هو. سراج العارفين ۾ ميان رحمة الله عليه جي روايت آهي ته هڪ ڀيري حضرت غوث الحق جن "سورة اللهب" جي معنيٰ عالمن جي جماعت ۾ ستر طريقن سان بيان ڪئي. پر ظاهري علماءَ ان کي سمجهڻ کان عاجز اچي ويا.

هڪ ڀيري "فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ" جي تفسير هن طرح ڪيائون ته توهان اسان کي پنهنجي زبان سان ياد ڪريو.

---

(١) سورة التوبه آيت: ١٠٢

(٢) سورة توبه آيت: ١٠٦

(٣) سراج العارفين قلمي ص ١٢٣

(٤) سراج العارفين قلمي ص ١٦٧

اسين توهان کي قلبي ذڪر جي توفيق ڏئي توهان کي ياد ڪنداسون. توهان اسان کي قلبي ذڪر سان ياد ڪريو ته اسين توهان کي روحي ذڪر جي توفيق ڏينداسون. توهان اسان کي روحي ذڪر ذريعي ياد ڪريو، ته اسان توهان کي سري ذڪر جي توفيق ڏينداسون. يَآأَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا لاَ تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلاَدُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللهِ (١) جي تفسير هن طرح بيان فرمايائون ته: ياايها الذاڪرون لا تلهڪم عن المجاهدة الخ. يعني اي ذاڪرين جي جماعت! هن طرح نه ٿيو جو ذڪر توهان کي مجاهدي کان روڪي، جيڪو ائين ڪندو سو نقصانڪار ٿيندو. يعني ذڪر ڪندڙن کي مجاهدي سان ذڪر ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن سندن ذڪر مجاهدي کان خالي هوندو ته انهن لاءِ اهو ذڪر نقصان جو سبب ۽ اجايو ٿيندو.

حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جي ترجمي جو طريقو هي هو ته متشابه آيتن جي تفسير، اسرار ۽ رموز به بيان ڪندا هئا ۽ عالم سڳورا سندن بيان ڪيل اهي اسرار ۽ معنائون ٻڌي حيران ٿي ويندا هئا. شيخ محمود بن صديق فخريه بيان ڪري ٿو ته هڪ عالم سڳورو مختلف تفسيرن مان آيت سڳوري الرَّحْمٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوٰى جون ١٤ معنائون منتخب ڪري، هڪ ڪاغذ تي لکي مخدوم رحمة الله عليه جو امتحان وٺڻ لاءِ آيو. چاڪاڻ ته ٻڌو هئائين ته حضرت مخدوم صاحب قرآن مجيد جي آيتن جا اسرار ۽ رموز بيان فرمائيندا آهن. اهو عالم ٽي مهينا سندن خدمت ۾ حاضر رهيو، پاڻ هر روز هڪ نئين معنيٰ بيان ڪندا هئا. (٢)

ساڳئي ڪتاب ۾ آهي ته هڪ ڀيري مخدوم محمد جعفر بوبڪاني شاگردن سميت آيو، چاڪاڻ ته ٻڌو هئائين ته جيتوڻيڪ حضرت مخدوم رحمة الله عليه ظاهري علم حاصل نه ڪيا آهن، تڏهن به قرآن مجيد جي آيتن جون ڪيتريون معنائون بيان ڪن ٿا. سندس مقصد هو ته آيت سڳوري قُلِ اللّٰهُمَّ مَالِكَ الْمُلْكِ جي معنيٰ مخدوم رحمة الله عليه جي زباني ٻڌي. مخدوم صاحب رحمة الله عليه انهيءَ آيت جون ٻارهن معنائون بيان ڪيون ۽ طوالت جي خوف وچان وڌيڪ معنائون بيان ڪرڻ کان معذرت ڪيائون. انهن علمي نڪتن مان هڪ نادر علمي نُڪتو هي هو ته "وَتُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ" جي معنيٰ آهي فقيرن جي محبت ۽ "وَتُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ" جي معنيٰ آهي فقيرن سان دشمني رکڻ. اهو علمي ڪمال ڏسي مخدوم محمد جعفر رحمة الله عليه جو هڪ ساٿي، حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه جو معتقد ٿي ويو ۽ مخدوم صاحب تبرڪ طور مٿس "يوسف" نالو رکيو. (٣)

نقل آهي ته هڪ ڀيري انهيءَ زماني جو حاڪم حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو ته اِنَّ اللهَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ وَيُنَزِّلُ الْغَيْثَ وَيَعْلَمُ مَا فِي الْاَرْحَامِ الآية (٤)

(بيشڪ قيامت جو علم الله وٽ ئي آهي ۽ الله کي ئي خبر آهي ته مينهن ڪڏهن پوندو ۽ الله ئي ڄاڻي ٿو ته ماءُ جي پيٽ ۾ ڇا آهي؟) پر ڪي فقير، فقراءَ ان جي ابتڙ ايندڙ زماني جون خبرون ٻڌائيندا آهن. ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه جن فرمايو ته انسان جي اندر ۾ به شيون آهن:١ - روح ٢ - نفس ۽ اها آيت سڳوري روح جي باري ۾ نه، پر نفس جي حق ۾ نازل ٿي آهي. جڏهن ڪو شخص نفساني صفت کي ماري، روحاني وصف سان متصف ٿيندو آهي، تڏهن ڪيس ايندڙ زماني جون ۽ باطني خبرون حاصل ٿينديون آهن ۽ انهيءَ مفهوم ۽ معنيٰ کي الله تعاليٰ هن آيت سڳوريءَ ۾ روشن ڪيو آهي:

وَلاَ يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖ اِلاَّ بِمَا شَآءَ (٥)

(۽ اهي الله جي علم مان ڪنهن شيءِ کي احاطي ۾ آڻي نٿا سگهن، مگر جيڪي ڪجهه الله گهري.) ۽ ساڳي

(١) سورة المنافقون آيت:٩
(٢) فردوس العارفين ص١٧١ تا١٧٨
(٣) فردوس العارفين قلمي ص١٨٠ تا ١٨٢
(٤) سورة لقمان آيت:٣٤
(٥) سورة البقرة آيت:٢٥٥

معنيٰ ۽ مطلب هن ايت ۾ بہ بيان ڪيو ويو اهي: عَالِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلَىٰ غَيْبِهِ أَحَدًا * إِلَّا مَنِ ارْتَضَىٰ (١)

(پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي ڳجهہ تي ڪنهن کي واقف نہ ڪندو آهي، مگر جنهن کي پاڻ گهري.)

متي ڄاڻايل ڪتاب جو مصنف اها حڪايت بيان ڪرڻ کان پوءِ لکي ٿو تہ اي منهنجا پيارا! ڄاڻ تہ انسان ۾ ٻن قسمن جون خاصيتون آهن:١- نفساني ٢- روحاني ۽ "روحاني" اهي فقراء حضرات آهن. جيڪي روح جي حقيقت تائين پهچندا آهن ۽ انهن لاءِ ظاهر ۽ باطن هڪجهڙو روشن هوندو آهي ۽ ظاهري انسان دنيادار آهن. جيڪي ظاهر کي تہ ڄاڻندا آهن. پر باطن کان بي خبر هوندا آهن.

"دليل الذاڪرين" جو مصنف حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه جا مناقب بيان ڪندي سندن قرآن مجيد جي فهم بابت لکي ٿو تہ" پاڻ محڪم ۽ متشابہ آيتن جون معنائون اهڙي انداز ۾ بيان فرمائيندا هئا جو ٻولين جا فصيح ۽ بليغ ماهر بہ ان کان عاجز هوندا هئا(٢)

ساڳئي ڪتاب ۾ بهاءُ الدين دلق پوش جو نقل آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه جن قرآن مجيد جي آيتن جي انهن معرفتن ۽ نڪات کي بيان فرمايو، جيڪي جمهور مفسرن تفسيرن ۾ بيان ڪيا آهن ۽ فرمايائون تہ هڪ ڏينهن مون کي بهاءُ الدين زڪريا جي ملاقات جو شرف حاصل ٿيو. گهڻي گفتگوءَ کان پوءِ مون کي بهاءُ الدين زڪريا فرمايو تہ توکي آءٌ بہ شيون ڏيان ٿو: ١ - ڪلاه (ٽوپي) ٢ - قينچي، يعني پنهنجن مريدن مان "لا" جي قينچي سان غير الله جون سڀ خواهشون ختم ڪر ۽ " الا الله" جي ڪلاه سان سندن دلين ۾ الله عزوجل جي محبت جو سڪو قائم ڪر. مون عرض ڪيو تہ اي شيخ المشائخ! الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو: وَاللَّهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُونَ(٣)

(الله تعاليٰ توهان کي بہ خلقيو آهي ۽ انهن ڪمن کي بہ جيڪي توهان ڪريو ٿا.) تنهن ڪري اسان جا فقير "لَآ" جي قينچي ۽ "اِلٰهَ" جي ڪلاه سان خصوصيت رکن ٿا. ڇاڪاڻ تہ هيءُ فقير هن پاڪ ڪلمي لَآ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ ۾ امتياز رکي ٿو، جنهن جو مطلب آهي تہ لَآ اِلٰهَ جي نفي واري قينچيءَ سان غير الله جي خواهشن کي ڪٽي ڇڏجي ۽ متي تي اِلاَّ اللّٰهُ جي ڪلاه رکجي، يعني پنهنجي قلب ۾ رڳو الله پاڪ جي محبت جو ٻج پوکجي، پوءِ آءٌ انهن کي پنهنجن ساٿين ۾ شامل ڪندو آهيان.

دليل الذاڪرين وانگر فردوس العارفين جي مصنف بہ هڪ روايت آندي آهي تہ انهيءَ وقت جا ڪي عالم پنهنجن شاگردن سميت حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي خدمت ۾ آيا، ڇاڪاڻ تہ انهن ٻڌو هو تہ پاڻ الله پاڪ جي ڪلام جون هڪ کان وڌيڪ معنائون بيان ڪن ٿا. اهي ڪجهہ آيتون دلين ۾ سوچي آيا هئا تہ مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي زباني انهن جون معنائون ٻڌون ٿا. سندن مجلس ۾ اچڻ شرط پاڻ ارشاد فرمايائون تہ: عالمن کي گهرجي تہ علم کي بيان ڪن جيئن ٻيا ٻڌن. پوءِ هڪدم پنهنجي فصيح ۽ بليغ ٻوليءَ ۾ انهن آيتن جون اهڙيون معنائون بيان ڪيائون جو سڀ حيرت ۾ پئجي ويا. پاڻ ان ڏس ۾ تي سؤ پنجهٺ تفسيرن جا حوالا ڏنائون. ان کان پوءِ طريقت ۽ حقيقت جون معنائون بيان ڪيائون (٤)

اهل الله جي دفتر جو مشاهدو ماڻيندڙ حضرت درويش متہ جو نقل آهي تہ مخدوم معظم حضرت نوح عليه الرحمة "سوره تبت يدا" جون ستر معنائون ۽ تفسير بيان ڪيا، جنهن کي ظاهري علم رکندڙ عالم سمجهڻ کان عاجز هئا(٥)

سالڪان احديت جي دفتر جي رازدار، قدوة العلماءِ، زبدة الاتقياءِ جو نقل آهي تہ حضرت ابو محمد ابن خلف الصدق حضرت امين محمد، ابن غوث الصمد چوي ٿو تہ مون حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي ترجمان جلال

(١) سورة الجن آيت:٢٦
(٢) دليل الذاڪرين قلمي ص٣٢
(٣) سورة الصافات آيت :٩٦
(٤) دليل الذاڪرين ص١٦
(٥) دليل الذاڪرين ص٩٩

الدين. جلال محمد کان سنڌيءَ طرح پڙهو. پاڻ فرمايائون ته الله تعاليٰ مون کي چئين شين جي ذريعي عزت عطا فرمائي آهي. پوءِ انهن جو مناسب تفسير ۽ تاويل به بيان ڪيائون: ١- حق جي طالبن کي لَآ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ جي تلقين ڪرڻ ۽ ڪين ذڪر اذڪار سيکارڻ ٢- قرآن مجيد جون هڪ کان وڌيڪ معنائون ۽ تفسير بيان ڪرڻ ٣- نبي ڪريم ﷺ جن جي حديث بيان ڪرڻ ٤- مختلف واقعن جي حقيقت ۽ تفصيل بيان ڪرڻ.

"تحفه المريدين" (منظوم سنڌي) ۾ آيت سڳوري فَمِنۡهُمۡ ظَالِمٌ لِّنَفۡسِهٖ (١) (۽ انهن مان ڪي پاڻ تي ظلم ڪندڙ آهن.) جي شرح ۾حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه جي تفسير نقل ڪيل آهي. پاڻ فرمايائون ته ڪي ماڻهو ايتري قدر ظالم هوندا آهن، جو نيڪيءَ جي ويجهو به نه ويندا آهن. پوري عمر دنيا جي مادي فائدن ۽ مال متاع جي ميڙڻ ۾ مشغول رهندا آهن ۽ نفس تي ظلم ڪندا آهن ۽ پنهنجي دڪان کي براين سان پري ڇڏيندا آهن ۽ قرآن مجيد ڏانهن لاڙو به نه ڪندا آهن. نه نيڪيءَ جو حڪم ڪندا آهن، نه برائيءَ کان روڪيندا آهن ۽ ٻيا اهي ٻانها آهن، جيڪي ڪڏهن نيڪي ڪندا آهن ته ڪڏهن برائي ڪندا آهن. نيڪيون ۽ بديون گاڏڙ ساڏڙ ڪمائيندا آهن. الله تعاليٰ وٽ اهي وچولي درجي وارا ٻانها آهن. وَمِنۡهُمۡ سَابِقٌۢ بِالۡخَيۡرَاتِ (۽ انهن مان ڪي اهڙا ٻانها آهن، جيڪي نيڪين ۾ اڳرائي ڪندڙ آهن.) يعني اهي نيڪيءَ جي ڪمن ۾ سبقت ڪندا آهن، قرآن مجيد ڏانهن رغبت ۽ لاڙو رکندا آهن. منع ڪيل ڪمن جي ويجهو به نه ويندا آهن ۽ جن ڪمن جو حڪم ٿيل آهي، انهن کي سرانجام ڏيندا آهن ۽ اهي سڀ ڪم الله جي ارادي سان ڪندا آهن. الله تعاليٰ جيڪا به تقدير مقرر ڪندو آهي، ٻانها اهي ئي ڪم ڪندا آهن. لوح محفوظ ۾ لکيل تقدير تبديل نه ٿيندي آهي. جڏهن الله تعاليٰ پاڻ نيڪن کي نيڪين جي توفيق عطا فرمائيندو آهي ته اهي نيڪيءَ جا ڪم ڪندا آهن. نه ته ڪنهن ٻانهي جي ڪهڙي مجال ۽ سگهه جو الله تعاليٰ و تبارڪ جي ارادي ۽ تقدير کان سواءِ ڪو ڪم ڪري. ذالک فضل الله الڪبير(اهو الله جو وڏو فضل آهي.)

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کان روايت آهي ته "سابق" (اڳرائي ڪندڙ) اهو آهي، جنهن اسلام آڻڻ ۾ اڳرائي ڪئي ۽ جهنم جي وعدي کان نجات حاصل ڪيائين."مقتصد" (وچولي درجي وارو) اهو آهي، جيڪو الله جي عذاب کان نجات لهندو، پر الله تعاليٰ جي ڪنهن ٻانهي جي شفاعت جي وسيلي سان ۽ "ظالم" (ظلم ڪندڙ) اهو آهي، جنهن نه عمل ۾ اڳرائي ڪئي، نه ئي اطاعت ۾. پر اهو به الله جي فضل سان دوزخ جي عذاب کان نجات حاصل ڪندو.

تفسير ثعلبي ۾ آهي ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو ته "سابق (اڳرائي ڪندڙ) اهو آهي، جيڪو حساب ڪتاب کان سواءِ جنت ۾ ويندو. "مقتصد" (وچٽري واٽ تي هلندڙ) اهو آهي،جنهن جو حساب ڪتاب هلڪو ٿيندو ۽ منهنجي امت جو "ظالم" اهو آهي جيڪو حشر جي ميدان ۾ بيٺو رهندو. ڪجهه عرصي کان پوءِ الله تعاليٰ سندس بخشش فرمائيندو.

حضرت عثمان رضي الله عنه فرمائي ٿو ته"سابق" (اڳرائي ڪندڙ) اهو آهي، جنهن جهاد تي وڃڻ ۾ جلدي ڪئي. "مقتصد" (وچولي درجي وارو) اهو آهي جيڪو جهاد تي نه وڃي ۽ گهر ويهي رهي، پر اسلامي لشڪر جي مالي يا ٻئي قسم جي مدد ڪري. "ظالم" (ظلم ڪندڙ) اهو آهي، جيڪو جهنگ جرَ ۾ ويهي رهي (۽ انسان ذات کي ان مان ڪو فائدو نٿو پهچي.) انهن کي بيابان ۾ رهندڙ به چوندا آهن.

امام ابوالليث کان نقل آهي ته "سابق" (اڳرائي ڪندڙ) اهو آهي، جنهن هجرت کان اڳ ايمان آندو ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي نبوت ۽ رسالت کي مڃيائين ۽ "مقتصد" (وچولي درجي وارو) اهو آهي،جنهن هجرت کان پوءِ، پر مڪي جي فتح کان اڳ اسلام آندو ۽ "ظالم" (ظلم ڪندڙ) اهو آهي،جنهن مڪي جي فتح کان پوءِ اسلام قبول ڪيو ۽ اهو اسلام جي غلبي جو زمانو هو.

ذڪر ۽ نصيحت ڪندڙ (مشائخن سڳورن) ان جون ٻيون معنائون به بيان ڪيون آهن. مطالعي ۽ غور، فڪر لاءِ انهن مان ڪجهه معنائون هتي لکجن ٿيون:

---

(١) سورة فاطر آيت:٣٢

سهل بن عبد الله تستري کان مروي آهي تہ"سابق" (اڳرائي ڪندڙ) مان اهو عالم مراد آهي. جنهن کي ظاهري ۽ باطني علمن مان بهرو حاصل هجي ۽ جيڪو پنهنجي حقيقي محبوب سان واصل هجي ۽ ڪيس ٻنهي جهانن ۾ ڀلائي ئي ڀلائي نصيب ٿئي. "من لہ المولیٰ فلہ الکل" اهڙن ئي ماڻهن جو شان آهي. "مقتصد" (وچولي درجي وارو) اهو طالب علم آهي. جنهن ٿورو علم حاصل ڪيو هجي انهيءَ کي نيڪ چوڻ گهرجي. "ظالم" (ظلم ڪندڙ) اهو جاهل شخص آهي. جنهن کي ظاهري ۽ باطني ڪنهن بہ قسم جو علم حاصل نہ هجي ۽ جيڪو پنهنجو عقل وڃائي ويهي ۽ "ظالم" مان مراد دنيا جو طالب آهي. دنيا ڍونڊ آهي ۽ ان جا طالب ڪتا آهن. پوءِ جيڪو دنيا حاصل ڪندو. سو گمراه ٿيندو ۽ اهڙو ئي شخص ظالم ۽ جاهل آهي ۽ جيڪو شخص آخرت جو طالب آهي. سو پنهنجن چڱن ڪمن جي ذريعي. جنت ۽ ان جون نعمتون.کير ۽ ماکيءَ جون نهرون ۽ حور. قصور وغيره نعمتون حاصل ڪندو. تنهن ڪري ان کي"مقتصد"چيو ويو آهي ۽ اهڙن ئي ماڻهن جي باري ۾ چيو ويو آهي تہ"آخرت جو طالب مؤنث آهي."۽ جيڪي ماڻهو دنيا ۽ آخرت. ٻنهي جهانن کي ڇڏي ڏين ٿا. سندن مقصد رڳو الله تعاليٰ جي رضا آهي ۽ نيڪ عملن جي بدلي جي اميد نٿا رکن.دراصل اهڙا ئي ماڻهو حق تعاليٰ جي درگاه جا مقبول ٻانها آهن ۽ اهي ئي سبقت ڪندڙ آهن. اهڙن ئي ماڻهن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي تہ طالب المولیٰ مذڪر (مولا جو طالب مرد ماڻهو آهي.)

يا وري ظالم مان مراد اهو شخص آهي. جيڪو ڪبيره گناهن ۾ پريل رهي تو ۽ وچٿري واٽ وارو اهو آهي. جنهن کان صغيره گناهہ ٿين ۽ ڀلائي جا ڪم پڻ ڪري ۽ سبقت ڪندڙ اهو آهي. جيڪو چڱايون ڪري ۽ برائيون نہ ڪري. الله جي خوف ۽ قهر جي ڪري سدائين گناهن کان پري رهي ۽ ظالم اهو آهي. جنهن تي مصيبت اچي تہ صبر جي بجاءِ گهل گهوڙا ڪري ۽ ماڻهن وٽ پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي شڪايت ڪري. وچٿري واٽ وارو اهو آهي. جنهن تي مصيبت اچي تہ صبر کان ڪم وٺي ۽ صبر ۽ شڪر سان زندگي گذاري. ظالم مان مراد اهو آهي. جيڪو الله کي ڇڏي غير الله ۾ مشغول رهي ۽ الله کي ياد نہ ڪري ۽ حق تعاليٰ جي معرفت کان اڻ ڄاڻ ۽ ازل کان مردود هجي. نہ ذڪر ڪري. نہ فڪر. وچٿري واٽ وارو اهو آهي. جيڪو سدائين پنهنجي پالڻهار جو طلبگار هجي ۽ الله تعاليٰ جي ساراهہ ۾ ڪوتاهي نہ ڪري ۽ سبقت ڪندڙ اهو آهي. جيڪو سدائين خدا تعاليٰ جي ياد ۾ مشغول ۽ سندس محبت ۾ غرق رهي ۽ پنهنجي اصل مقصد کان باخبر هجي ۽ ڪو ان جهڙو نہ هجي ۽ "واجد" عربي ٻوليءَ ۾ انهيءَ شخص کي چوندا آهن. جيڪو پنهنجي پالڻهار کي لهي ۽ سڃاڻي. اهڙو ئي شخص ٻنهي جهانن ۾ ڪامياب آهي ۽ اهڙو ئي ٻانهو هر گهڙيءَ ۾ الله تعاليٰ جي حضور کان بهرياب ٿيندو ۽ اکين سان الله جو ديدار ڪندو آهي.

تنهن ڪري بيان ڪيل حديث جي معنيٰ هيءَ ٿيندي تہ: ١- سبقت ڪندڙ ماڻهو ڪامياب آهن. ٢- وچٿري واٽ تي هلندڙ پڻ نجات لهندا ٣- ۽ ظالمن سان پڻ الله تعاليٰ فضل جو معاملو فرمائيندو ۽ مخدوم نوح عليہ الرحمة جي لفظن ۾ ان جي معنيٰ هيءَ آهي تہ جيڪي مريد سچا آهن.تن کي بيشڪ سچو چوڻ گهرجي ۽ جيڪي حق جي پيروي نٿا ڪن ۽ سهڻو اعتقاد نٿا رکن. تن کي ظالم چوڻ گهرجي. انهيءَ لحاظ سان سبقت ڪندڙ اڳيان ۽ وچٿري واٽ هلندڙ پويان هوندا ۽ ظالمن کي پڻ بخشيو ويندو.

هڪ ٻيري وعظ ۾ وَالْمَلَآئِكَةُ يَدْخُلُونَ عَلَيْهِمْ مِنْ كُلِّ بَابٍ (١) (۽ فرشتا مٿن هر دروازي کان داخل ٿيندا.) جي تفسير عين المعاني جي حوالي سان نقل ڪري فرمايائون تہ دنياوي رات ۽ ڏينهن جي مدت ۾ جنتين وٽ فرشتا. ٽي ڀيرا ايندا ويندا ۽ انهيءَ معمول ۾ ڪا ڪمي. ڪا ڪوتاهي نہ ڪندا ۽ سَلَامٌ عَلَيْكُمْ چئي.جنتين کي خاطري ڏيندا رهندا تہ پنهنجي صبر ڪرڻ جي بدلي ۾ توهان کي اها لذت ۽ خوشي سدائين حاصل رهندي.

خادمن مان هڪ شخص "خليل" ۽ "حبيب" ۾ فرق پڇيو. فرمايائون تہ "خليل" اهو آهي. جيڪو هميشہ انتظار ۾ هجي تہ ڪڏهن خدمت جو حڪم ٿئي تہ آءٌ خدمت بجا آڻيان. "حبيب" جو شان هي آهي تہ محبوب پنهنجي حبيب جي

(١) سورة الرعد آيت:٢٣

انتظار ۾ هجي ته ڪڏهن ٿو مون کان سوال ڪري ته آءٌ کيس عطا ڪريان. يعني محبوب. حبيب جي پاڻ طلب ڪندو آهي. اهو بيان ڪري ٻئي هٿ کولي فرمايائون ته حبيب محبوب جي محبت ۾ غرق هوندو آهي. پوءِ فرمايائون ته حبيب کي محبوب جي ديدار جي حاجت نه هوندي آهي.

رساله فتحيه ۾ آهي ته هڪ شخص پڇيو ته نفس ۽ روح ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ فرمايائون ته ڪير آهي جيڪو اهڙو نازڪ سوال پڇي ٿو؟ اهو ڏاڍو اونهو مسئلو آهي. جنهن کي بيان ڪرڻ لاءِ مناسب الفاظ نٿا ملن. حاضرين مان هڪ شخص عرض ڪيو ته پچندڙ حق جو طالب آهي ۽ مسئلي کي سمجهڻ گهري ٿو. پاڻ راضي ٿيا، پوءِ فرمايائون ته الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو: قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ (١) (چوءِ ته روح منهنجي رب جو حڪم آهي.) مشرڪن رسول الله ﷺ جن کان روح جي حقيقت جي پڇا ڪئي. الله تعاليٰ جواب ۾ فرمايو ته کين چوءِ ته روح الله جي ڪلمه ڪُن سان پيدا ٿيو آهي ۽ روح ئي سڀ کان اولين شيءِ آهي. جيڪا پيدا ڪئي وئي. جنهن جو ڪو اصل نه آهي. تنهن ڪري روح مٽي، هوا، پاڻي، باهه مان خلقيل نه آهي. الله تعاليٰ ان کي پنهنجي حڪمت سان پيدا فرمايو آهي ۽ ان کي فقط سندس خلقڻهار ئي ڄاڻي ٿو. ٻيو ڪير ان کي نٿو ڄاڻي سگهي. مگر جيڪو طالب، مرشد جي حڪم مطابق سڀ کان افضل ذڪر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ۾ هميشه مشغول رهي. ايتري قدر مشغوليت ۾ رهي جو هڪ گهڙي به غفلت نه ڪري. تانجو ماٺهو ڪيس چريو چون. شريعت جي منع ڪيل ڪمن کان پري ۽ حڪم ڪيل ڪمن تي عمل ڪري ته اهڙي طالب جي دل انوار الاهيءَ جي تجلين سان پُرجي ويندي آهي. جڏهن اهڙو شخص نور جي مراقبي ۾ مشغول هوندو آهي. ته ڪيس نوافل جي ذريعي الله تعاليٰ جو قرب حاصل ٿيندو آهي. پنهنجن ڪنن سان جيڪي ڪجهه ٻڌندو آهي. سو دراصل حق تعاليٰ جي ڪن سان ٻڌندو آهي ۽ جيڪي ڪجهه ڏسندو آهي، سو دراصل حق تعاليٰ جي طرفان ڏسندو آهي ۽ جيڪي ڪجهه ڳالهائيندو آهي. سو دراصل حق تعاليٰ جي طرفان ڳالهائيندو آهي. جنهن کي هنن لفظن ۾ بيان فرمايو ويو آهي ته انا اقول وانا اسمع (مان چوان ٿو ۽ مان ٻڌان ٿو.) يعني اهڙو شخص هميشه پنهنجي وجود ۾ الله کي حاضر ناظر ڄاڻندو آهي ۽ يقين رکندو آهي ته منهنجي هٿان. جيڪو به ڪم ظاهر ٿئي ٿو. جيڪي به ٻول منهن مان ڪڍان ٿو. سو سڀ سندس طرفان آهي. منهنجي هن ڏس ۾ ڪا به مجال ۽ سگهه نه آهي. ۽ ذات ۾ گم هجي. اهو آهي نوافل جي قرب جو مرتبو. هاڻي فرائض جي قرب جي معنيٰ ڄاڻڻ گهرجي. يعني طالب پنهنجي ذات کي خدا ۾ فاني سمجهي ۽ پاڻ کي معدوم ڄاڻي. انهيءَ حالت ۾ قادر ڪريم مٽس هي فضل فرمائيندو آهي ته پنهنجيون صفتون ڪيس عنايت ڪندو آهي.

پڙهندڙن لاءِ بعض تفسيري فائدن جو بيان:

تفسير جي طالبن لاءِ ڪيترا ئي ماخذ آهن. جن مان چار وڌيڪ ضروري آهن: ١- نبي ﷺ جن جي حديث جي روشنيءَ ۾ قرآن مجيد جي تفسير کي پڙهجي پر موضوع ۽ ضعيف حديثن کان بچڻ واجب آهي ۽ حديثن جي ڪتابن ۾ اهڙيون حديثون گهڻيون آهن ٢- ميموني چوي ٿو ته مون امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه کان فرمائيندي ٻڌو ته ٽن قسمن جي ڪتابن جو اصول نه آهي: ١- مغازي ٢- ملاحم ٣- ۽ تفسير. امام احمد بن حنبل جي محقق ساٿين جي قول مطابق سندس مطلب آهي ته انهن ڪتابن ۾ حديث جي صحيح ۽ متصل سَنَدَن جو اهتمام ۽ اعتبار گهٽ هوندو آهي. هي مطلب نه آهي ته انهن ڪتابن ۾ بيان ڪيل سڀ حديثون غلط هونديون آهن. ڇاڪاڻ ته انهن ۾ صحيح حديثون به هونديون آهن. امام احمد بن حنبل جي ساٿين آيت سڳوري: اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ يَلْبِسُوْٓا اِيْمَانَهُمْ بِظُلْمٍ (٢) (جن ايمان آندو ۽ پنهنجي ايمان کي ظلم سان خلط ملط نه ڪيائون.) "ظلم" مان مراد شرڪ ورتو آهي(٣)

آيت سڳوري: وَاَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ قُوَّةٍ (٤) (۽ انهن ڪافرن جي مقابلي ۾ جيترو توهان کان ٿي سگهي، طاقت

---

(١) سورة الڪهف آيت:٨٥

(٢) سورة الانعام: ٨٢

(٣) بخاري شريف حديث: ٣٢

(٤) سورة الانفال آيت:٦٠

جو بندوبست ڪريو.) ۾ "قوة" مان مراد ڪنهن شيءِ ڪي "اڇلائڻ" آهي.(١)

تفسير جو ٻيو ماخذ اصحابي سڳورن جو قول آهي. ڇاڪاڻ ته اصحابيءَ جي تفسير کي مفسرين. نبي سائين ﷺ جن جي مرفوع حديث جي حڪم ۾ مجين تا (اهو قول حاڪم پنهنجي تفسير ۾ بيان ڪيو آهي.) ابن جرير. مسروق جي روايت آڻي ٿو ته حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه چوندو هو ته الله. جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي. تنهن جو قسم کڻي چوان ٿو ته قرآن مجيد جي جيڪا آيت جنهن جي باري ۾ ٻه ۽ جتي به لٿي آهي. ان کي آءٌ ڄاڻان ٿو ۽ جڏهن اسان مان ڪو شخص ڏهه آيتون پڙهندو هو ته جيستائين انهن آيتن جو مقصد نه سمجهندو هو ۽ انهن تي عمل نه ڪندو هو. تيستائين اڳتي نه وڌندو هو.

صحابه ڪرام رضي الله عنهم ۾ تفسير ڪندڙ گهڻا حضرات آهن. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما پاڻ کي قرآن مجيد جي علم لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. سيدنا علي بن ابي طالب رضي الله عنه جا تفسيري قولَ ابن عباس رضي الله عنه کان گهڻا نقل ٿيل آهن. انهن کان پوءِ حضرت عبدالله بن عمروبن عاص رضي الله عنهما آهي. ٻين اصحابن جي تفسير به "حسن" درجي جي ۽ مقدم آهي.

جيڪڏهن قرآن مجيد جي آيت جي تفسير ۾ ڪنهن اصحابي سڳوري جو قول نه لڀي ته تابعين ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي. امام احمد بن حنبل رح کان ان ڏس ۾ ٻه روايتون آهن. عبدالله بن محمد بن عقيل مديني وارن جي چوٿين طبقي ۾ شامل آهي. جيڪو تابعين جو قول وٺڻ کان منع ڪندو هو. پر مفسرين حضرات جو عمل انهيءَ قول جي ابتڙ آهي. ڇاڪاڻ ته انهن پنهنجين تفسيرن ۾ تابعين سڳورن جا قول به نقل ڪيا آهن: ضحاڪ بن مزاحم. سعيد بن جبير. مجاهد. قتاده. ابوالعاليه رياحي. حسن بصري. ربيع بن انس. مقاتل بن سليمان. عطاءَ بن ابي سلمه خراساني. مره همداني. علي بن ابي طلحه. محمد بن ڪعب قرظي. عبدالرحمٰن بن ڪيسان. اسماعيل بن عبدالرحمٰن سدي. ابن عباس جو آزاد ڪيل غلام عڪرمه. عطيه عوفي. عطاءَ بن ابي رباح. عبدالله بن زيد بن اسلم رحمهم الله تعاليٰ. انهن قديم مفسرن جا گهڻا قول اصحابن سڳورن کان ورتل آهن.

وڏن تابعين مان امام حسن بصري. مجاهد. سعيد بن جبيررحمهم الله تعاليٰ وغيرهم آهن. انهن کان پوءِ عڪرمه ۽ ضحاڪ آهن. رهيو عامر سُدي ته عامر شعبي ان تي ۽ ابو صالح تي به تنقيد ڪئي آهي ۽ ٻنهي جي سمجهه کي گهٽ قرار ڏنو آهي. حافظ ابواحمد بن عدي پنهنجي ڪتاب "الڪامل" ۾ لکي ٿو ته ڪلبيءَ کان صحيح حديثون نقل ٿيل آهن. خاص ڪري ڪلبيءَ کان ابوصالح جون روايتون گهڻيون مشهور آهن ۽ ان کان وڌيڪ ڪنهن جي تفسير ڊگهي نه آهي. ان کان پوءِ مقاتل بن سليمان آهي. پر مقاتل تي ڪلبيءَ کي فضيلت ڏني وئي آهي. ڇاڪاڻ ته مقاتل ۾ مسلڪ جون کي خرابيون پڻ لين ٿيون. انهن کان پوءِ اهي حضرات آهن. جن تفسيرن ۾ اصحابن ۽ تابعين جا قول جمع ڪيا آهن. مثلاً تفسير سفيان بن عيينه. وڪيع بن جراح. شعبه بن حجاج. يزيد بن هارون. مفضل. عبدالرزاق بن همام سناني. اسحاق بن راهويه. روح بن عباده. يحيٰ بن قريش. مالڪ بن سليمان هروي. عبد بن حميد ڪڇي (سنڌي) عبدالله بن جراح. هشيم بن بشير. صالح بن محمد يزيدي. علي بن حجر بن اياس سعدي. يحيٰ بن محمد بن عبدالله هروي. علي بن ابي طلحه. ابن مردويه. رحمهم الله تعاليٰ وغيرهم.

مسند احمد. بزار. معجم طبراني وغيرهم ۾ انهن جا گهڻا قول نقل ٿيل آهن. امام محمد بن جرير طبري انهن سيني جدا جدا تفسيري قولن کي ماٿهن جي فائدي لاءِ پنهنجي تفسير ۾ گڏ ڪيو آهي ۽ جيڪا ڳالهه پري هئي. تنهن کي ويجهو ڪيو اٿس. عبدالرحمٰن بن ابي حاتم پڻ انهيءَ طريقي تي عمل ڪيو.(٢)

---

(١) مسلم شريف حديث: ١٩١٧

(٢) تفسير القرطبي ج ٣٠ ص١٠٢


شڪر جو اظهار

"من لم يشڪر الناس لم يشڪر الله"(٢) (الحديث) يعني "جيڪو ماڻهن جو شڪر نٿو ڪري، اهو الله جو بہ شڪر نہ ڪندو." مطابق آءٌ درگاهہ شريف مخدوم سرور نوح رحمة الله عليہ جي سجاده نشين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو پنهنجي طرفان ۽ اداري جي طرفان گهڻو شڪرگذار آهيان. جو قرآن مجيد مترجم فارسي جو قلمي نسخو تحقيق ۽ ڇپائيءَ لاءِ ڏنائون. ساڳي طرح سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري غلام رباني آغا ۽ پريس جي اڳئين منيجر سيد ظفر حسين جو شڪرگذار آهيان، جنهن هن ڪم ۾ هر وقت سهڪار ڪيو، تانجو هي ڪم پورو ٿيو. هن قرآن مجيد جي سهڻي طباعت سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي سهڻي ڪارڪردگيءَ جو نتيجو آهي. الله تعالىٰ سڀني کي سهڻو بدلو عطا ڪري.

خدا تعالىٰ محترم دوست سيد اسد الله شاهہ حسيني رحمة الله عليہ جي بخشش فرمائي، جنهن سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان هن تحقيقي ڪم ۾ سهڻو ساٿ ڏنو. افسوس جو سندس زندگي وفا نہ ڪئي ۽ ڪم جي شروعات ۾ ئي آخرت جي جهان ڏانهن روانو ٿي ويو. الله مٿس پنهنجي ڪشاده رحمت نازل فرمائي. جيڪڏهن مرحوم تي موت جي مصيبت نہ اچي ها تہ مون کي هن تحقيقي ڪم ۾ وڏيڪ ڪشالا ڪاڻا نہ پون ها. پر تقدير جي اڳيان ڪنهن جي نٿي هلي.

ابوسعيد غلام مصطفيٰ قاسمي

٢٧ ربيع الاول سن ١٤٠٢هہ



بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ ﴿٢١﴾ فِيْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ ﴿٢٢﴾

قرآن مَجِيدُ

حضرت مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه

جي فارسي ترجمه قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو

اٰيَاتُهَا ٧ سُوۡرَةُ الۡفَاتِحَةِ مَكِّيَّةٌ رُكُوۡعُهَا ١

سورة الفاتحة مکي آھي. ھن ۾ ستَ آيتون ۽ ھڪ رڪوع آھي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ①

شروع ڪريان ٿو الله جي نالي سان، جيڪو عبادت جي لائق، روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آھي ①

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ② الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ③

شڪر ۽ احسان ۽ ساراھ الله لاءِ آھي، جيڪو جھانن جو پالڻھار آھي ② روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آھي ③

مٰلِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِ ④ اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ

حساب ۽ بدلي جي ڏينھن جو بادشاھ آھي ④ اي خدا! اسين تنھنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ تو کان ئي

نَسۡتَعِيۡنُ ⑤ اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ⑥ صِرَاطَ

اي خدا! ھمراھي ۽ مدد گھرون ٿا ⑤ اسان کي سڌي واٽ ڏيکار ⑥ واٽ انھن جي، جن تي تو انعام ڪيو،

الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ

نہ انھن جي واٽ، جن تي ڏمر ٿيل آھي (يعني نہ يھودين جي واٽ)

وَلَا الضَّآلِّيۡنَ ⑦ ع

۽ نہ گمراھن (يعني عيسائين جي واٽ) ⑦

المنزل الاول ١

اٰيَاتُهَا ۲۸۶ سُوْرَةُ الْبَقَرَةِ مَدَنِيَّةٌ رُكُوْعَاتُهَا ۴۰

سورة البقرة مدني آهي ۽ هن ۾ ٻه سو ڇهاسي آيتون ۽ چاليهه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع ڪريان ٿو الله جي نالي سان، جيڪو عبادت جي لائق، روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

الٓمّٓ ۚ ﴿۱﴾ ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ ۚ ۛ فِيْهِ ۚ ۛ هُدًى

الٓمّٓ آءٌ ئي الله آهيان جو ڄاڻان ٿو ① هيءُ عظيم الشان ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي،

لِّلْمُتَّقِيْنَ ۙ ﴿۲﴾ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ وَيُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ

پرهيزگارن کي سڌي واٽ ڏيکاريندڙ آهي ② (اهي پرهيزگار) جيڪي غيب ۽ اڻ ڏٺي تي ايمان آڻين ٿا ۽

وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ۙ ﴿۳﴾ وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَآ

نماز قائم ڪن ٿا ۽ جنهن (مال) جو ڪين اسان مالڪ ڪيو آهي، تنهن مان خرچ ڪن ٿا ③ ۽ (اي پيغمبر ﷺ!)

اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ وَبِالْاٰخِرَةِ

جيڪي ايمان آڻين ٿا، انهيءَ (ڪتاب) تي جيڪو تو تي نازل ڪيو ويو آهي ۽ انهن (ڪتابن)

هُمْ يُوْقِنُوْنَ ۭ ﴿۴﴾

تي بہ جيڪي تو کان اڳ نازل ڪيا ويا آهن ۽ اهي آخرت
(جي جهان ۽ قيامت جي ڏينهن) تي يقين رکن ٿا ④

الجزء الاوّل (۱) مُعَانَقَة ۱

أُولَٰٓئِكَ عَلَىٰ هُدًى مِّن رَّبِّهِمْ ۖ وَأُولَٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿٥﴾ إِنَّ الَّذِينَ

اهي ئي ماڻهو پنهنجي رب جي طرفان سڌيءَ واٽ تي آهن ۽ اهي ئي ڪامياب آهن ٥ بيشڪ جيڪي

كَفَرُوا سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَأَنذَرْتَهُمْ أَمْ لَمْ تُنذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿٦﴾

ماڻهو ڪافر ٿيا، انهن لاءِ هڪجهڙي ڳالهه آهي ته چاهي ڪين ڊيڄارين يا ڪين نه ڊيڄارين، اهي ايمان نه آڻيندا ٦

خَتَمَ اللَّهُ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ وَعَلَىٰ سَمْعِهِمْ ط وَعَلَىٰٓ أَبْصَٰرِهِمْ غِشَٰوَةٌ ز

الله تعاليٰ مهر هڻي ڇڏي آهي، سندن دلين تي ۽ سندن ڪنن تي ۽ سندن اکين تي پردا آهن ۽ سندن

وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿٧﴾ ع وَمِنَ النَّاسِ مَن يَقُولُ ءَامَنَّا بِاللَّهِ وَ ع ١

لاءِ وڏو عذاب آهي ٧ ۽ ماڻهن مان ڪي آهن، جيڪي چون ٿا ته اسان ايمان آندو الله تي ۽ آخرت

بِالْيَوْمِ الْأٓخِرِ وَمَا هُم بِمُؤْمِنِينَ ﴿٨﴾ م يُخَٰدِعُونَ اللَّهَ وَالَّذِينَ ءَامَنُوا ج وقف لازم

جي ڏينهن تي ۽ اهي مؤمن نه آهن ٨ (سمجهن ٿا ته) دوکو ٿا ڏين الله کي ۽ انهن ماڻهن کي، جن ايمان آندو

وَمَا يَخْدَعُونَ إِلَّآ أَنفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُونَ ﴿٩﴾ ط فِي قُلُوبِهِم مَّرَضٌ لا

۽ دوکو نٿا ڏين مگر پاڻ کي ۽ نٿا ڄاڻن (۽ شعور نٿا رکن.) ٩ سندن دلين ۾ (شڪ ۽ نفاق جي) بيماري آهي،

فَزَادَهُمُ اللَّهُ مَرَضًا ج وَلَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌۢ لا بِمَا كَانُوا يَكْذِبُونَ ﴿١٠﴾

پوءِ الله ڪين (شڪ ۽ نفاق جي) بيماريءَ ۾ وڌائي ڇڏيو ۽ سندن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي، جو اهي ڪوڙ ڳالهائين ٿا ١٠

وَإِذَا قِيلَ لَهُمْ لَا تُفْسِدُوا فِي الْأَرْضِ لا قَالُوٓا إِنَّمَا نَحْنُ مُصْلِحُونَ ﴿١١﴾

۽ جڏهن ڪين چئجي ٿو ته زمين ۾ فساد نه ڦهلايو، چون ٿا ته بيشڪ اسين ته سڌارو ڪندڙ آهيون ١١

أَلَآ إِنَّهُمْ هُمُ الْمُفْسِدُونَ وَلَٰكِن لَّا يَشْعُرُونَ ﴿١٢﴾ وَإِذَا قِيلَ لَهُمْ

بڌو! بيشڪ اهي ئي فساد ڪندڙ آهن ۽ پر اهي نٿا ڄاڻن ١٢ ۽ جڏهن ڪين چئجي ٿو ته ايمان آڻيو،

اٰمِنُوْا كَمَآ اٰمَنَ النَّاسُ قَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ كَمَآ اٰمَنَ السُّفَهَآءُ ؕ اَلَآ اِنَّهُمْ

جيئن ماڻهن ايمان آندو آهي، چون ٿا ته ڇا اسين ايمان آڻيون، جيئن نادانن ايمان آندو آهي ؟

هُمُ السُّفَهَآءُ وَلٰكِنْ لَّا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٣﴾ وَاِذَا لَقُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَالُوْٓا

ٻڌو! بيشڪ اهي ئي نادان آهن ۽ پر نٿا ڄاڻن ﴿١٣﴾ ۽ جڏهن ملن ٿا مؤمنن سان، چون ٿا ته ايمان آندوسون ۽ جڏهن

اٰمَنَّا ۚۖ وَاِذَا خَلَوْا اِلٰى شَيٰطِيْنِهِمْ ۙ قَالُوْٓا اِنَّا مَعَكُمْ ۙ اِنَّمَا نَحْنُ

پنهنجن شيطانن (يعني پنهنجن وڏڙن) وٽ اڪيلا ٿين ٿا، چون ٿا ته بيشڪ اسين توهان سان گڏ آهيون، دراصل اسين

مُسْتَهْزِءُوْنَ ﴿١٤﴾ اَللّٰهُ يَسْتَهْزِئُ بِهِمْ وَيَمُدُّهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ

(ساڻن) ٺٺوليون ڪندڙ آهيون ﴿١٤﴾ الله ساڻن ٺٺوليون ڪري ٿو (يعني ڪين سندن ٺٺولين جي سزا ڏيندو.) ۽ ڪين سندن

يَعْمَهُوْنَ ﴿١٥﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى ۪ فَمَا رَبِحَتْ

گمراهيءَ ۾ گهلي ٿو، (پوءِ) حيران ۽ پريشان رهن ٿا ﴿١٥﴾ اهائي ٽولي آهي، جن هدايت جي بدلي ۾ گمراهي خريد

تِّجَارَتُهُمْ وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿١٦﴾ مَثَلُهُمْ كَمَثَلِ الَّذِى اسْتَوْقَدَ

ڪئي، پوءِ سندن واپار فائديمند نه ٿيو ۽ نه اهي سڌيءَ واٽ وارا ٿيا ﴿١٦﴾ سندن مثال ان شخص جي مثال وانگر آهي،

نَارًا ۚ فَلَمَّآ اَضَآءَتْ مَا حَوْلَهٗ ذَهَبَ اللّٰهُ بِنُوْرِهِمْ وَتَرَكَهُمْ فِيْ

جنهن باهه ٻاري، پوءِ جڏهن باهه پنهنجي ماحول کي روشن ڪيو ته الله سندن نور کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ کين اونداهين

ظُلُمٰتٍ لَّا يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧﴾ صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْىٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿١٨﴾ ۙ

۾ ڇڏي ڏنائين، (پوءِ اهي) اکين سان نٿا ڏسن ﴿١٧﴾ (اهي) ٻوڙا گونگا انڌا آهن، پوءِ اهي نٿا موٽن ﴿١٨﴾

اَوْ كَصَيِّبٍ مِّنَ السَّمَآءِ فِيْهِ ظُلُمٰتٌ وَّرَعْدٌ وَّبَرْقٌ ۚ يَجْعَلُوْنَ

يا سندن مثال انهيءَ آسماني برسات وانگر آهي، جنهن ۾ اونداهيون ۽ گجگوڙ ۽ وڄ هجي، اهي ڪڙڪاٽ جي ڪري

اَصَابِعَهُمْ فِیْٓ اٰذَانِهِمْ مِّنَ الصَّوَاعِقِ حَذَرَ الْمَوْتِ ؕ وَاللّٰهُ مُحِیْطٌۢ

موت جي خوف سبب پنهنجيون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾ وجهن ٿا ۽ الله تعاليٰ ڪافرن کي هلاڪ ڪندڙ

بِالْكٰفِرِیْنَ ﴿۱۹﴾ یَكَادُ الْبَرْقُ یَخْطَفُ اَبْصَارَهُمْ ؕ كُلَّمَاۤ اَضَآءَ لَهُمْ

آهي ⑲ ويجهو آهي ته وڄ سندن نظرن کي جهٽي وٺي. جڏهن به سندن لاءِ روشني ٿيندي آهي، منجهس هلندا آهن

مَّشَوْا فِیْهِ ۙۗ وَ اِذَاۤ اَظْلَمَ عَلَیْهِمْ قَامُوْا ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَذَهَبَ

۽ جڏهن مٿن اونده ٿيندي آهي، بيهي رهندا آهن ۽ جيڪڏهن الله گهري ته البت سندن ٻڌڻ جي طاقت (يعني ڪنن) ۽

بِسَمْعِهِمْ وَاَبْصَارِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿۲۰﴾ ع یٰۤاَیُّهَا ع

ڏسڻ جي طاقت (يعني اکين) کي ختم ڪري ڇڏي. بيشڪ الله هر شيءِ تي قدرت وارو آهي ⑳ اي

النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِیْ خَلَقَكُمْ وَالَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ

انسانو! (رڳو) پنهنجي ربّ جي عبادت ڪريو، جنهن پيدا ڪيو توهان کي ۽ انهن کي جيڪي توهان کان اڳ هئا،

تَتَّقُوْنَ ﴿۲۱﴾ لا الَّذِیْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ فِرَاشًا وَّالسَّمَآءَ بِنَآءً ص وَّاَنْزَلَ

مَنَ توهان پرهيزگار ٿيو ㉑ (اهو الله) جنهن توهان لاءِ زمين کي وڇائو ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ آسمان تان پاڻي

مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ج فَلَا تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ

لاٿائين، پوءِ توهان لاءِ ان (پاڻيءَ) سان ميون مان روزي پيدا ڪيائين، پوءِ الله جا شريڪ نه ٺهرايو ۽ توهان ڄاڻو ٿا (ته

اَنْدَادًا وَّ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۲﴾ وَ اِنْ كُنْتُمْ فِیْ رَیْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى

اڪيلو الله ئي، بي مثال خالق آهي) ㉒ ۽ جيڪڏهن توهان کي شڪ آهي (هن قرآن جي باري ۾)، جيڪو اسان

عَبْدِنَا فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ص وَادْعُوْا شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ

پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي لاٿو آهي ته پوءِ ان جهڙي هڪڙي سورة آڻي ڏيکاريو ۽ الله کان سواءِ پنهنجن شاهدن

كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٣﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا وَلَنْ تَفْعَلُوْا فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْ

کي سڏيو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو ﴿٢٣﴾ پوءِ جيڪڏهن (عاجز ٿيو) ۽ (ڪا سورة) آڻي نه سگهو ۽ هرگز آڻي نه سگهندا ته

وَقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ ۖۚ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٤﴾ وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

پوءِ ان باهه کان ڊڄو، جنهن جو ٻَارُ ماڻهو ۽ (گندرف جا) پٿر آهن، ڪافرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي ﴿٢٤﴾ ۽ خوشخبري ڏي،

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ كُلَّمَا

انهن کي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ته سندن لاءِ باغ آهن، جن جي (وڻن جي) هيٺان نهرون وهن ٿيون.

رُزِقُوْا مِنْهَا مِنْ ثَمَرَةٍ رِّزْقًا ۙ قَالُوْا هٰذَا الَّذِيْ رُزِقْنَا مِنْ قَبْلُ ۙ وَاُتُوْا

جڏهن به کين انهن (باغن) مان ميون جي روزي ڏني ويندي، چوندا ته هيءَ اها ئي روزي آهي، جيڪا اسان

بِهٖ مُتَشَابِهًا ؕ وَلَهُمْ فِيْهَآ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۙ وَّهُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٥﴾ اِنَّ

کي اڳ (يعني دنيا) ۾ ڏني ويندي هئي ۽ کين (رنگ ۾ ذائقي ۾ مختلف) اهڙي ئي روزي ڏني ويندي ۽ سندن لاءِ اتي (حيض، نفاس ۽
ٻين پليتين کان) پاڪ زالون آهن ۽ اهي منجهن سدائين رهڻ وارا آهن ﴿٢٥﴾ بيشڪ الله حياءُ نٿو ڪري ته مڇر، يا ان کان به مٿي (يعني

اللّٰهَ لَا يَسْتَحْيٖٓ اَنْ يَّضْرِبَ مَثَلًا مَّا بَعُوْضَةً فَمَا فَوْقَهَا ؕ فَاَمَّا الَّذِيْنَ

ان کان به ننڍڙو) کو مثال بيان ڪري. پوءِ باقي رهيا اهي ماڻهو جن ايمان آندو، اهي ڄاڻن ٿا ته اهو سندن ربّ وٽان حقّ آهي ۽

اٰمَنُوْا فَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَيَقُوْلُوْنَ

جيڪي ڪافر ٿيا، سي چون ٿا ته (آخر) اهڙا مثال بيان ڪرڻ مان الله جو ڪهڙو مقصد آهي؟ انهيءَ (مثال) سان گهڻن ماڻهن کي

مَاذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا مَثَلًا ۘ يُضِلُّ بِهٖ كَثِيْرًا ۙ وَّيَهْدِيْ بِهٖ كَثِيْرًا ؕ وَمَا

وقف لازم

گمراهه ڪري ٿو ۽ گهڻن کي ان سان هدايت بخشي ٿو ۽ ان سان صرف انهن کي گمراهه ڪري ٿو، جيڪي الله جي فرمان کان ٻاهر

يُضِلُّ بِهٖٓ اِلَّا الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٦﴾ ۙ الَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ ۠

نڪرندڙ آهن ﴿٢٦﴾ جيڪي الله جي عهد جي مضبوطيءَ کان پوءِ ان جي ڀڃڪڙي (۽ مخالفت) ڪن ٿا ۽ جنهن ڳالهه جو (يعني

وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ

حضرت محمد ﷺ ۽ ٻين نبين تي ايمان آڻڻ ۽) ملتي مائٽيءَ کي جوڙڻ جو الله حڪم ڪيو آهي، ان کي ٽوڙين ٿا ۽ زمين

هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ۝٢٧ كَيْفَ تَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَكُنْتُمْ اَمْوَاتًا فَاَحْيَاكُمْ ۚ ثُمَّ

۾ فساد ڪن ٿا (۽ فاسقن جي) اها ئي ٽولي نقصان پوڻ واري آهي ﴿٢٧﴾ الله جو ڪفر ڪيئن ٿا ڪريو؟ ۽ توهان (مائرن جي پيٽن
۾) مئل هئا. پوءِ توهان کي (انهن ۾) زنده ڪيائين. پوءِ توهان کي (روءِ زمين ۾) ماريندو. پوءِ توهان کي (قبرن مان) جيئرو

يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ۝٢٨ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ لَكُمْ مَّا فِي

ڪندو، پوءِ ان ڏانهن توهان کي موٽايو ويندو ﴿٢٨﴾ اهو الله ئي آهي، جنهن توهان لاءِ پيدا ڪيون، اهي سڀ شيون، جيڪي

الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۚ ثُمَّ اسْتَوٰٓى اِلَى السَّمَاۗءِ فَسَوّٰىهُنَّ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ ۭ وَھُوَ بِكُلِّ

زمين ۾ آهن. پوءِ آسمان کي پيدا ڪرڻ جو ارادو ڪيائين، پوءِ ڪيائين انهن کي ست آسمان ۽ اهو هر شيءِ کي ڄاڻندڙ

شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝٢٩ۧ وَاِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰۗىِٕكَةِ اِنِّىْ جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً ۭ ٣ ع ٩ ٣

آهي ﴿٢٩﴾ ۽ جڏهن تنهنجي ربّ فرشتن کي چيو ته بيشڪ آءٌ زمين ۾ هڪ خليفو مقرر ڪندڙ آهيان. چيائون ته ڇا زمين ۾

قَالُوْٓا اَتَجْعَلُ فِيْهَا مَنْ يُّفْسِدُ فِيْهَا وَيَسْفِكُ الدِّمَاۗءَ ۚ وَنَحْنُ نُسَبِّحُ

(خليفو) ڪندين ان کي، جيڪو منجهس فساد ڪندو ۽ (ناحق) رت وهائيندو ۽ اسين تنهنجي تعريف سان گڏ تنهنجي تسبيح

بِحَمْدِكَ وَنُقَدِّسُ لَكَ ۭ قَالَ اِنِّىْٓ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ۝٣٠ وَعَلَّمَ اٰدَمَ

ڪريون ٿا ۽ تنهنجي پاڪائي بيان ڪريون ٿا؟ الله فرمايو ته بيشڪ آءٌ ڄاڻان ٿو، جيڪي توهان نٿا ڄاڻو ﴿٣٠﴾ ۽ آدم (عليه السلام) کي

الْاَسْمَاۗءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَھُمْ عَلَي الْمَلٰۗىِٕكَةِ ۙ فَقَالَ اَنْۢبِــُٔوْنِىْ بِاَسْمَاۗءِ

سڀ نالا سيکاريائين، پوءِ (خدائن جي خدا) انهن (نالن) کي فرشتن تي پيش ڪيو. پوءِ فرمايائين ته مون کي هنن نالن جي

ھٰٓؤُلَاۗءِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۝٣١ قَالُوْا سُبْحٰنَكَ لَا عِلْمَ لَنَآ اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا ۭ

خبر ڏيو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو ﴿٣١﴾ انهن چيو ته (سڀني عيبن کان) پاڪ تون ئي آهين. اسان کي ڪا ڄاڻ نه آهي، مگر

إِنَّكَ أَنتَ الْعَلِيمُ الْحَكِيمُ ﴿٣٢﴾ قَالَ يَا آدَمُ أَنبِئْهُم بِأَسْمَائِهِمْ ۖ فَلَمَّا
جيڪي ڪجهہ تو اسان کي سيکاريو آهي، بيشڪ تون ئي علم وارو، حڪمت وارو آهين ﴿٣٢﴾ (الله) فرمايو تہ اي آدم! ڪين سندن نالن
أَنبَأَهُم بِأَسْمَائِهِمْ قَالَ أَلَمْ أَقُل لَّكُمْ إِنِّي أَعْلَمُ غَيْبَ السَّمَاوَاتِ
جي خبر ڏي. پوءِ جڏهن ڪين سندن نالن جي خبر ڏنائين، الله فرمايو تہ ڇا مون توهان کي نہ چيو هو تہ بيشڪ آءٌ آسمانن ۽ زمين
وَالْأَرْضِ وَأَعْلَمُ مَا تُبْدُونَ وَمَا كُنتُمْ تَكْتُمُونَ ﴿٣٣﴾ وَإِذْ قُلْنَا لِلْمَلَائِكَةِ
جو ڳجهہ ڄاڻان ٿو ۽ اهي (ڳالهيون بہ) ڄاڻان ٿو، جيڪي ظاهر ڪريو ٿا ۽ جيڪي لڪايو ٿا ﴿٣٣﴾ ۽ (ياد ڪر اي محمد ﷺ!) جڏهن اسان
اسْجُدُوا لِآدَمَ فَسَجَدُوا إِلَّا إِبْلِيسَ أَبَىٰ وَاسْتَكْبَرَ وَكَانَ مِنَ الْكَافِرِينَ ﴿٣٤﴾
فرشتن کي چيو تہ آدم (عليه السلام) کي سجدو ڪريو، پوءِ سڀني سجدو ڪيو مگر ابليس، ان انڪار ۽ تڪبر ڪيو ۽ ڪافرن مان ٿيو ﴿٣٤﴾
وَقُلْنَا يَا آدَمُ اسْكُنْ أَنتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَكُلَا مِنْهَا رَغَدًا حَيْثُ
۽ اسان چيو تہ اي آدم! تون ۽ تنهنجي زال جنت ۾ رهو ۽ انهيءَ مان ڪشادگيءَ سان کائو، جتان بہ توهان کي وڻي ۽
شِئْتُمَا وَلَا تَقْرَبَا هَٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُونَا مِنَ الظَّالِمِينَ ﴿٣٥﴾ فَأَزَلَّهُمَا
(پر) توهان ٻئي هن وڻ جي ويجها نہ وڃجوءِ، نہ تہ توهان ظالمن مان ٿي پوندا ﴿٣٥﴾ پوءِ شيطان انهن ٻنهي
الشَّيْطَانُ عَنْهَا فَأَخْرَجَهُمَا مِمَّا كَانَا فِيهِ ۖ وَقُلْنَا اهْبِطُوا بَعْضُكُمْ
کي اتان ورغلايو ۽ جنهن (بهشت) ۾ اهي ٻئي هئا، تنهن کان انهن ٻنهي کي ٻاهر ڪيرايائين ۽ چيوسون تہ توهان
لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۖ وَلَكُمْ فِي الْأَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَمَتَاعٌ إِلَىٰ حِينٍ ﴿٣٦﴾ فَتَلَقَّىٰ آدَمُ
سڀ هيٺ لهي وڃو (اي آدم، حوا، نانگ ۽ شيطان!) توهان هڪ ٻئي جا دشمن آهيو ۽ توهان لاءِ (توهان جي حياتيءَ تائين) زمين ۾
رهڻ ۽ هڪ مدت تائين فائدي وٺڻ جي جاءِ آهي ﴿٣٦﴾ پوءِ آدم پنهنجي ربّ کان ڪي ڳالهيون سکيون (يعني رَبَّنَا ظَلَمْنَا اَنْفُسَنَا) پوءِ (الله)
مِن رَّبِّهِ كَلِمَاتٍ فَتَابَ عَلَيْهِ ۚ إِنَّهُ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيمُ ﴿٣٧﴾ قُلْنَا اهْبِطُوا
ان جي توبہ قبول ڪئي. بيشڪ اهو ئي توبہ قبول ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿٣٧﴾ چيوسون تہ توهان سڀ هن (دنياوي آسمان کان

مِنْهَا جَمِيْعًا ۚ فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّىْ هُدًى فَمَنْ تَبِعَ هُدَاىَ فَلَا خَوْفٌ

هيٺ زمين) تي لهي وڃو. پوءِ جيڪڏهن (اي آدم جا اولاد!) توهان وٽ منهنجي طرفان ڪا هدايت (يعني منهنجو ڪتاب

عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ

۽ منهنجو پيغمبر) اچي، پوءِ جيڪو منهنجي هدايت جي پيروي ڪندو، انهن لاءِ نہ (ايندڙ زماني ۾) خوف آهي ۽ نہ اهي (پنهنجن
گذريل ڪمن تي) غمگين ٿيندا ﴿٣٨﴾ ۽ جيڪي ڪافر ٿيا ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙوڪيائون، اهي ئي ماڻهو دوزخي آهن،

النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٣٩﴾ يٰبَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِىَ الَّتِىْٓ اَنْعَمْتُ

ان ۾ سدائين رهڻ وارا آهن ﴿٣٩﴾ اي يعقوب جا اولاد! منهنجي ان نعمت کي ياد ڪريو، جيڪا مون توهان تي ڪئي ۽ منهنجي عهد

عَلَيْكُمْ وَاَوْفُوْا بِعَهْدِىْٓ اُوْفِ بِعَهْدِكُمْ ۚ وَاِيَّاىَ فَارْهَبُوْنِ ﴿٤٠﴾ وَاٰمِنُوْا بِمَآ

کي پورو ڪريو (۽ منهنجي حڪم تي هلو) تہ آءٌ توهان جي عهد کي پورو ڪريان (۽ توهان جا عَمَلَ قبول ڪري توهان کي ثواب

اَنْزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ وَلَا تَكُوْنُوْٓا اَوَّلَ كَافِرٍۢ بِهٖ وَلَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِىْ

ڏيان) ۽ خاص مون کان ئي ڊڄو ﴿٤٠﴾ ۽ ايمان آڻيو قرآن تي، جنهن کي مون لاٿو آهي، جيڪو تصديق ڪندڙ آهي توريت ۽ انجيل
جي، جيڪي توهان وٽ آهن ۽ توهان (يعني ڪتاب وارا) سڀ کان پهريائين ان جا ڪافر نہ ٿيو ۽ منهنجين آيتن کي ٿوري

ثَمَنًا قَلِيْلًا ز وَّاِيَّاىَ فَاتَّقُوْنِ ﴿٤١﴾ وَلَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوا

ملھ سان نہ وڪڻو (ڇاڪاڻ تہ سموري دنيا جو سڀ سامان بہ تمام حقير ۽ گهٽ آهي) ۽ خاص مون کان ڊڄو ﴿٤١﴾ ۽ حقّ کي باطل

الْحَقَّ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿٤٣﴾

سان نہ ملايو ۽ توهان حقّ (يعني حضرت محمد ﷺ جي صفت) کي لڪايو ٿا ۽ توهان ڄاڻو ٿا (تہ پاڻ الله جا پيغمبر آهن) ﴿٤٢﴾ ۽ نماز قائم
ڪريو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽ نماز قائم ڪندڙن سان گڏجي نماز قائم ڪريو (جو اها ئي حضرت محمد ﷺ ۽ سندن ساٿين جي صفت آهي) ﴿٤٣﴾

اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَتَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَاَنْتُمْ تَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ط

ڇا ماڻهن کي نيڪيءَ جو حڪم ڪريو ٿا ۽ پاڻ کي وساريو ٿا ۽ توهان ڪتاب پڙهو ٿا، (جنهن ۾ حضرت محمد ﷺ جي

اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ط وَاِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى

صفت آهي) ڇا پوءِ عقل کان ڪم نٿا وٺو؟ ﴿٤٤﴾ ۽ صبر ۽ نماز سان (منهنجي مدد) وٺو ۽ بيشڪ اها ڳالھ (يعني نماز کي

الْخٰشِعِيْنَ (۴۵) الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَاَنَّهُمْ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ (۴۶) ع

قائم ڪرڻ ۽ صبر ڪرڻ) ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، مگر عاجزي ڪندڙن تي. (يعني انهن لاءِ آسان آهي) (۴۵) (اهي عاجزي ڪندڙ) جيڪي
يقين رکن ٿا تہ پنهنجي ربّ سان ملڻ وارا (۽ آخرت جو ثواب حاصل ڪرڻ وارا) آهن ۽ هيءُ تہ اهي ان ڏانهن ئي موٽڻ وارا آهن (۴۶)

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى

اي يعقوب (عليه السلام) جا اولاد! منهنجي انهيءَ نعمت کي ياد ڪريو، جيڪا نعمت مون توهان تي ڪئي ۽ هيءُ تہ مون توهان کي

الْعٰلَمِيْنَ (۴۷) وَاتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّلَا يُقْبَلُ مِنْهَا

جهانن وارن تي فضيلت بخشي (۴۷) ۽ انهيءَ ڏينهن (جي عذاب) کان ڊڄو (جيڪو لازم ٿي چڪو آهي ۽) جڏهن ڪو جيءُ

شَفَاعَةٌ وَّلَا يُؤْخَذُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ (۴۸) وَاِذْ نَجَّيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ

ڪنهن جيءَ کي ڪجهہ بہ بدلو نہ ڏيندو ۽ نہ وري (ڪنهن ڪافر شخص) کان شفاعت قبول ڪئي ويندي ۽ نہ ئي (ان ڪافر شخص) کان
ڪو بدلو ۽ فديو قبول ڪيو ويندو ۽ نہ ئي انهن (ڪافرن) جي مدد ڪئي ويندي (۴۸) ۽ ياد ڪريو جڏهن نجات ڏني اسان

فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ط

توهان (جي ابن ڏاڏن) کي فرعون جي قوم ۽ (سندس پوئلڳن) کان، جيڪي توهان کي بڇڙو عذاب چکائيندا هئا ۽ توهان جي
پٽن کي کهندا هئا ۽ توهان جي عورتن کي زنده ڇڏي ڏيندا هئا ۽ توهان جي انهيءَ (نجات) ۾ توهان جي ربّ جي

وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ (۴۹) وَاِذْ فَرَقْنَا بِكُمُ الْبَحْرَ فَاَنْجَيْنٰكُمْ

طرفان هڪ وڏي آزمائش (يعني نعمت) هئي (۴۹) ۽ جڏهن توهان لاءِ سمنڊ کي چيريوسون، پوءِ توهان کي نجات ڏني سون ۽

وَاَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ (۵۰) وَاِذْ وٰعَدْنَا مُوْسٰٓى اَرْبَعِيْنَ

غرق ڪيوسون فرعون جي قوم کي ۽ توهان ڏسي رهيا هئا (۵۰) ۽ جڏهن موسيٰ سان چاليهن راتين جو وعدو ڪيوسون، پوءِ (سندس

لَيْلَةً ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْ بَعْدِهٖ وَاَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ (۵۱) ثُمَّ عَفَوْنَا

طور جبل تي وڃڻ کان) بعد توهان ڳابي کي (خدا) بڻايو ۽ توهان ظالم هئا (۵۱) پوءِ اسان ان کان بعد (يعني ڳابي جي پوڄا کان

عَنْكُمْ مِّنْ بَعْدِ ذٰلِكَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ (۵۲) وَاِذْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ

بعد) توهان جا گناهہ معاف ڪيا، مَنَ توهان (منهنجي بخشش جو) شڪر ڪريو (۵۲) ۽ جڏهن موسيٰ (عليه السلام) کي ڪتاب (يعني

وَ الْفُرْقَانَ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۵۳﴾ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اِنَّكُمْ

توراة) ۽ فرقان (يعني حق ۽ باطل کي جدا ڪندڙ قوّت) ڏني سون ته مَنَ توهان سڌي واٽ تي هلو ﴿۵۳﴾ ۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي

ظَلَمْتُمْ اَنْفُسَكُمْ بِاتِّخَاذِكُمُ الْعِجْلَ فَتُوْبُوْۤا اِلٰى بَارِئِكُمْ فَاقْتُلُوْۤا

قوم کي چيو ته اي منهنجي قوم! بيشڪ توهان گابي کي معبود بڻائي، پاڻ تي ظلم ڪيو آهي. پوءِ پنهنجي پيدا ڪندڙ وٽ توبه
ڪريو، پوءِ هڪ ٻئي کي قتل ڪريو (يعني ٻي ڏوهي، ڏوهارين کي قتل ڪن.) اهو (قتل ڪرڻ) توهان لاءِ توهان جي پيدا ڪندڙ

اَنْفُسَكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ عِنْدَ بَارِئِكُمْ ؕ فَتَابَ عَلَيْكُمْ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ

(الله سائين) وٽ چڱو آهي. پوءِ انهيءَ توهان جا گناه معاف ڪري ڇڏيا. بيشڪ اهو (الله تعاليٰ) ئي توبه قبول ڪندڙ رحم

الرَّحِيْمُ ﴿۵۴﴾ وَ اِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً

ڪندڙ آهي ﴿۵۴﴾ ۽ جڏهن توهان چيو ته اي موسيٰ (عليه السلام!) هرگز توتي ايمان نه آڻينداسون، تانجو الله کي اکين سان ڏسون.

فَاَخَذَتْكُمُ الصّٰعِقَةُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿۵۵﴾ ثُمَّ بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ

پوءِ توهان کي وڄ (جي عذاب يعني موت) پڪڙيو ۽ توهان هڪ ٻئي کي ڏسي رهيا هئا ﴿۵۵﴾ پوءِ توهان جي موت کان بعد توهان

مَوْتِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۵۶﴾ وَظَلَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا عَلَيْكُمُ

کي جيئرو ڪيو سون ته مَنَ توهان شڪر ڪريو ﴿۵۶﴾ ۽ توهان تي (تيه ماٿريءَ ۾) ڪڪرن جي ڇانوَ ڪئي سون ۽ توهان تي

الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ؕ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ وَمَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ

ترنجبين ۽ ٻُڳل پکي لاٿاسون (۽ چيوسون ته) کائو پاڪ شيون، جن مان اسان توهان کي روزي ڏني آهي ۽ اسان تي ظلم نه

كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿۵۷﴾ وَاِذْ قُلْنَا ادْخُلُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ فَكُلُوْا

ڪيائون، پر اهي پاڻ تي پاڻ ظلم ڪندا هئا ﴿۵۷﴾ ۽ جڏهن چيوسون ته هن ڳوٺ ۾ داخل ٿيو ۽ ان مان توهان کي جتان وڻي، ڍؤ

مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ رَغَدًا وَّ ادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا وَّ قُوْلُوْا حِطَّةٌ

ڪري کائو ۽ (عاجزيءَ وچان) دروازي مان سجدو ڪندي داخل ٿيو ۽ چئو ته (ربّ اسان جا!) اسان جا ڏوهه بخش ته توهان جا گناهَ

نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطٰيٰكُمْ ؕ وَسَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۵۸﴾ فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا قَوْلًا

بخشينداسون ۽ سگهوئي نيڪي ڪندڙن ڪي وڌائينداسون ﴿۵۸﴾ پوءِ جيڪا ڳالهه انهن کي چئي وئي هئي،

غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَنْزَلْنَا عَلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ

تنهن کي انهن (يعني پاڻ تي) ظلم ڪندڙن بدلائي ٻي ڳالهه چئي، پوءِ سندن نافرماني جي ڪري اسان انهن تي

بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿۵۹﴾ ع وَ اِذِ اسْتَسْقٰى مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ فَقُلْنَا اضْرِبْ

آسمان تان عذاب لاٿو ﴿۵۹﴾ ۽ جڏهن موسيٰ (عليه السلام) اسان کان تيه ماتريءَ ۾) پنهنجي قوم لاءِ پاڻي گهريو. پوءِ چيوسون ته

بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ؕ فَانْفَجَرَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ؕ قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ

پنهنجي لٺ کي پٿر تي هڻ، (پوءِ انهيءَ لٺ پٿر تي هنئي.) پوءِ انهيءَ (پٿر) مان ٻارنهن چشما ڦٽي نڪتا. بيشڪ هر هڪ

مَّشْرَبَهُمْ ؕ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا مِنْ رِّزْقِ اللّٰهِ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ

ٽوليءَ پنهنجي پنهنجي پاڻي پيئڻ جي جاءِ ڄاڻي ورتي. (چيوسون ته) الله جي روزي کائو، پيئو ۽ زمين ۾ فسادي ٿي نه

مُفْسِدِيْنَ ﴿۶۰﴾ وَاِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نَّصْبِرَ عَلٰى طَعَامٍ وَّاحِدٍ فَادْعُ لَنَا

ڦرو ﴿۶۰﴾ ۽ جڏهن توهان چيو ته اي موسيٰ! (عليه السلام) اسين (تيه ماتريءَ ۾) هرگز هڪ کاڌي تي صبر نه ڪنداسون. پوءِ اسان لاءِ

رَبَّكَ يُخْرِجْ لَنَا مِمَّا تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ مِنْۢ بَقْلِهَا وَقِثَّآئِهَا وَفُوْمِهَا وَعَدَسِهَا

پنهنجي ربّ کان دعا گهر ته زمين جيڪي ڪجهه اُپائي ٿي (يعني) پنهنجو ساڳ ۽ پنهنجا وڳا ۽ پنهنجي ڪڻڪ (يا اناج جون سڀ

وَبَصَلِهَا ؕ قَالَ اَتَسْتَبْدِلُوْنَ الَّذِيْ هُوَ اَدْنٰى بِالَّذِيْ هُوَ خَيْرٌ ؕ اِهْبِطُوْا مِصْرًا

جنسون) ۽ پنهنجي دال مهري ۽ پنهنجا بصر، اهي اسان لاءِ ڪڍي. موسيٰ چيو ته ڇا چڱي شيءِ کي رڏي شيءِ سان بدلائڻ گهرو

فَاِنَّ لَكُمْ مَّا سَاَلْتُمْ ؕ وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ وَالْمَسْكَنَةُ ۗ وَبَآءُوْ

ٿا؟ (چڱو!) ڪنهن شهر ۾ لهي وڃو. جيڪي ڪجهه گهرو ٿا، اهو توهان لاءِ اتي (موجود) آهي ۽ مٿن خواري ۽ محتاجي مڙهي

بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ يَقْتُلُوْنَ

وٺيا ۽ الله جي غضب ڏانهن موٽيا، هن سبب جي ڪري جو الله جي آيتن (يعني حضرت محمد ﷺ جي صفتن وغيره) جو ڪفر

النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّ كَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ۟ؑ ﴿٦١﴾ اِنَّ ع

ڪندا هئا ۽ ناحق نبين کي قتل ڪندا هئا. اهو هن سبب جي ڪري هو جو نافرمان ٿيا ۽ الله جي فرمان کان لنگهندڙ هئا ﴿٦١﴾ بيشڪ

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَادُوْا وَالنَّصٰرٰى وَالصّٰبِـِٕيْنَ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ

جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جيڪي يهودي ٿيا ۽ (جيڪي) عيسائي ۽ صابئي (يعني هڪ دين کي ڇڏي ٻئي دين ۾ ويندڙ) آهن،

وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ ۖ وَلَا خَوْفٌ

(انهن مان) جيڪي به الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻيندا ۽ چڱا ڪم ڪندا، تن لاءِ سندن ربّ وٽ اجر آهي ۽ مٿن نه ڪو

عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾ وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ وَرَفَعْنَا فَوْقَكُمُ

خوف آهي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا ﴿٦٢﴾ ۽ جڏهن توهان کان عهد ورتوسون ۽ (جبل) طور کي توهان جي مٿان بيهاريوسون (۽

الطُّوْرَ ؕ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاذْكُرُوْا مَا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾

حڪم ڪيوسون ته) جيڪي ڪجهه اسان توهان کي ڏنو آهي، ان کي مضبوطيءَ سان وٺو ۽ جيڪي ڪجهه منجهس آهي، تنهن

کي ياد ڪريو (يعني مٿس عمل ڪريو.) مَنَ توهان (عذاب جي سببن کان) بچو ﴿٦٣﴾ پوءِ ان کان بعد (يعني جو ڪجهه توريت ۾

ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ۚ فَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ لَكُنْتُمْ

آهي، تنهن کي قبول ڪرڻ کان پوءِ به) توهان ڦري ويا. پوءِ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ سندس رحمت نه هجي ها ته

مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٦٤﴾ وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ الَّذِيْنَ اعْتَدَوْا مِنْكُمْ فِي السَّبْتِ فَقُلْنَا

ضرور توهان نقصان پوڳڻ وارن مان ٿيو ها ﴿٦٤﴾ ۽ بيشڪ توهان انهن ماڻهن (جي حال) کي به ڄاتو، جيڪي توهان مان ڇنڇر

جي ڏينهن (مڇيءَ جي شڪار جي باري ۾) حد کان لنگهي ويا. پوءِ ڪين چيوسون ته ٿيو ڀولڙا (الله جي) رحمت کان پري ﴿٦٥﴾

لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِـِٕيْنَ ﴿٦٥﴾ ۚ فَجَعَلْنٰهَا نَكَالًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهَا وَمَا خَلْفَهَا

پوءِ اسان انهيءَ (عذاب) کي انهن (ماڻهن) لاءِ عبرت (جو سبب) بڻايو، جيڪي سندن اڳيان هئا ۽ جيڪي سندن پويان هئا

وَمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖٓ اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ

۽ (ڪيوسون ان واقعي کي) پرهيزگارن لاءِ هڪ نصيحت ﴿٦٦﴾ ۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي (قتل جي واقعي جي باري ۾) چيو،
(جيڪو واقع ٿي چڪو هو) ته بيشڪ الله تعاليٰ توهان کي حڪم فرمائي رهيو آهي ته هڪڙي ڳئون کي ذبح ڪريو. انهن چيو ته ڇا

تَذْبَحُوْا بَقَرَةً ۭ قَالُوْٓا اَتَتَّخِذُنَا هُزُوًا ۭ قَالَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ

تون اسان سان ٺٺوليون ڪري رهيو آهين؟ موسيٰ (عليه السلام) چيو ته آءٌ الله تعاليٰ جي پناهه وٺان ٿو هن ڳالهه کان ته آءٌ جاهلن مان

الْجٰهِلِيْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ۭ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا

ٿيان ﴿٦٧﴾ چيائون ته پنهنجي ربّ کان اسان لاءِ دعا گهر ته اسان تي روشن ڪري ته ڳئون ڪهڙي آهي؟ ان چيو ته اهو فرمائي ٿو ته

بَقَرَةٌ لَّا فَارِضٌ وَّلَا بِكْرٌ ۭ عَوَانٌۢ بَيْنَ ذٰلِكَ ۭ فَافْعَلُوْا مَا تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٨﴾

اها ڳئون نه ڪراڙي آهي ۽ نه جوان، انهن ٻنهي ۾ وچولي آهي. پوءِ توهان کي جيڪو حڪم ڪيو وڃي ٿو، ان تي عمل ڪريو ﴿٦٨﴾

قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا لَوْنُهَا ۭ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ

چيائون ته پنهنجي ربّ کان دعا گهر ته اسان لاءِ روشن ڪري ته ان جو رنگ ڪهڙو آهي؟ چيائين ته الله فرمائي ٿو ته انهيءَ ڳئون جو

صَفْرَاۗءُ ۙ فَاقِعٌ لَّوْنُهَا تَسُرُّ النّٰظِرِيْنَ ﴿٦٩﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا

رنگ گهرو ڪڪڙو آهي. ڏسندڙن لاءِ وڻندڙ آهي ﴿٦٩﴾ چيائون ته اسان لاءِ پنهنجي ربّ کان دعا گهر ته اسان تي روشن ڪري ته

مَا هِيَ ۙ اِنَّ الْبَقَرَ تَشٰبَهَ عَلَيْنَا ۭ وَاِنَّآ اِنْ شَاۗءَ اللّٰهُ لَمُهْتَدُوْنَ ﴿٧٠﴾

ڳئون ڪهڙي آهي؟ بيشڪ ڳئون اسان تي مشتبه ٿي پئي آهي ۽ بيشڪ اسين، جيڪڏهن الله گهريو ته البت واٽ لهندڙ آهيون ﴿٧٠﴾

قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا ذَلُوْلٌ تُثِيْرُ الْاَرْضَ وَلَا تَسْقِي الْحَرْثَ ۚ

موسيٰ (عليه السلام) چيو ته بيشڪ الله فرمائي ٿو ته اها ڳئون نه وَهُو آهي، جو زمين کي کيڙي ۽ نه پوک کي پاڻي ڏئي ٿي. سيني

مُسَلَّمَةٌ لَّا شِيَةَ فِيْهَا ۭ قَالُوا الْــٰٔنَ جِئْتَ بِالْحَقِّ ۭ فَذَبَحُوْهَا وَمَا كَادُوْا

عيبن کان صحيح سلامت آهي. ان جي (پوري جسم جي رنگ ۾) ڪو عيب نه آهي. انهن چيو ته هاڻي تو حق آندو آهي، پوءِ ان

يَفۡعَلُوۡنَ ﴿۷۱﴾ ع وَ اِذۡ قَتَلۡتُمۡ نَفۡسًا فَادّٰرَءۡتُمۡ فِيۡهَا ط وَاللّٰهُ مُخۡرِجٌ مَّا كُنۡتُمۡ ع ۸

كي ذبح كيائون ۽ ذبح ڪرڻ وارا نہ هئا ﴿۷۱﴾ ۽ (ياد ڪريو) جڏهن توهان هڪ شخص کي قتل ڪيو، پوءِ ان ۾ توهان اختلاف ڪيو ۽

تَكۡتُمُوۡنَ ﴿۷۲﴾ ج فَقُلۡنَا اضۡرِبُوۡهُ بِبَعۡضِهَا ط كَذٰلِكَ يُحۡىِ اللّٰهُ الۡمَوۡتٰى لا وَيُرِيۡكُمۡ

الله ٻاهر ڪڍڻ (۽ ظاهر ڪرڻ) وارو آهي، ان کي جيڪي توهان لڪايو پيا ﴿۷۲﴾ پوءِ چيوسون تہ ان (مقتول) جو هڪ حصو ٻئي (يعني
ڳئون) تي هڻو، (پوءِ انهن ائين ڪيو.) اهڙي طرح الله تعاليٰ مئن کي جياري ٿو ۽ توهان کي پنهنجيون نشانيون ڏيکاري ٿو تہ مَنَ

اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۷۳﴾ ثُمَّ قَسَتۡ قُلُوۡبُكُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ ذٰلِكَ فَهِىَ

توهان عقل کان ڪم وٺو ﴿۷۳﴾ پوءِ انهيءَ (قدرتي نشانيءَ جي ظاهر ٿيڻ) کان بعد توهان جون دليون سخت ٿي ويون، پوءِ اِهي

كَالۡحِجَارَةِ اَوۡ اَشَدُّ قَسۡوَةً ط وَاِنَّ مِنَ الۡحِجَارَةِ لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنۡهُ الۡاَنۡهٰرُ ط

چڻ تہ پٿر آهن يا ان کان بہ وڌيڪ سخت آهن ۽ بيشڪ ڪي پٿر آهن، جن مان نهرون وهن ٿيون ۽ بيشڪ انهن مان ڪي پٿر آهن،

وَاِنَّ مِنۡهَا لَمَا يَشَّقَّقُ فَيَخۡرُجُ مِنۡهُ الۡمَآءُ ط وَاِنَّ مِنۡهَا لَمَا يَهۡبِطُ

جيڪي ڦاٽي پون ٿا، پوءِ انهن مان پاڻي نڪري ٿو (۽ واهيون وهن ٿيون) ۽ بيشڪ پٿرن مان ڪي اهڙا آهن، جيڪي خوف خدا

مِنۡ خَشۡيَةِ اللّٰهِ ط وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۷۴﴾ اَفَتَطۡمَعُوۡنَ اَنۡ

وچان (جبلن تان) ڪري پون ٿا ۽ جيڪي ڪجهہ توهان ڪريو ٿا، الله ان کان غافل نہ آهي ﴿۷۴﴾ ڇا پوءِ طمع رکو ٿا (اي محمد ﷺ! ۽ اي

يُّؤۡمِنُوۡا لَكُمۡ وَقَدۡ كَانَ فَرِيۡقٌ مِّنۡهُمۡ يَسۡمَعُوۡنَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ يُحَرِّفُوۡنَهٗ

ايمان وارو!) تہ يهودي توهان کي سڌي واٽ تي سمجهندا ۽ انهن مان هڪڙي ٽولي الله جو ڪلام ٻڌي ٿي، پوءِ ان جي سمجهڻ کان

مِنۡۢ بَعۡدِ مَا عَقَلُوۡهُ وَهُمۡ يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۷۵﴾ وَاِذَا لَقُوا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قَالُوۡۤا

پوءِ بہ ان کي ڦيرائين ٿا ۽ اهي ڄاڻن ٿا (تہ ڪوڙا آهن) ﴿۷۵﴾ ۽ جڏهن مؤمنن سان ملن ٿا (۽ ڪين ڏسن ٿا)، چون ٿا تہ ايمان آندوسون ۽

اٰمَنَّا صلے وَاِذَا خَلَا بَعۡضُهُمۡ اِلٰى بَعۡضٍ قَالُوۡۤا اَتُحَدِّثُوۡنَهُمۡ بِمَا فَتَحَ اللّٰهُ

جڏهن هڪ ٻئي سان اڪيلا ٿين ٿا، چون ٿا تہ ڇا ڪين پنهنجي ڪتاب ۾ بيان ٿيل الله جا حڪم ٻڌايو ٿا، جيئن ان جي ذريعي توهان

عَلَيْكُمْ لِيُحَآجُّوْكُمْ بِهٖ عِنْدَ رَبِّكُمْ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۝٧٦ اَوَلَا يَعْلَمُوْنَ اَنَّ

سان توهان جي ربّ وٽ جهيڙو ڪن! ڇا پوءِ عقل کان ڪم نٿا وٺو؟ (٧٦) ڇا اهي نٿا ڄاڻن ته بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جو ڪجهه لڪائين ٿا ۽

اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۝٧٧ وَمِنْهُمْ اُمِّيُّوْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ

جو ڪجهه ظاهر ڪن ٿا (٧٧) ۽ انهن (يهودين) مان ڪي بي پڙهيا ۽ بي لکيا آهن، ڪتاب کي نٿا ڄاڻن، سواءِ خواهشن جي ۽ اهي فقط

اَلْكِتٰبَ اِلَّآ اَمَانِيَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ ۝٧٨ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ يَكْتُبُوْنَ

النصف

گمان ڪن ٿا (٧٨) پوءِ خرابي آهي انهن لاءِ جيڪي پنهنجن هٿن سان ڪتاب لکن ٿا، پوءِ چون ٿا ته هيءُ الله جي طرفان آهي،

الْكِتٰبَ بِاَيْدِيْهِمْ ۗ ثُمَّ يَقُوْلُوْنَ هٰذَا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ لِيَشْتَرُوْا بِهٖ ثَمَنًا

جيئن ان سان ٿورو ملهه خريد ڪن. پوءِ خرابي آهي انهن لاءِ انهن ڳالهين جي ڪري جيڪي سندن هٿن لکيون ۽ سندن لاءِ

قَلِيْلًا ؕ فَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا كَتَبَتْ اَيْدِيْهِمْ وَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا يَكْسِبُوْنَ ۝٧٩

خرابي آهي انهن ڪمن جي ڪري جيڪي ڪمائين ٿا (يعني جيڪي ناجائز مال وٺن ٿا ۽ نافرمانيون ڪن ٿا) (٧٩)

وَقَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ؕ قُلْ اَتَّخَذْتُمْ عِنْدَ اللّٰهِ

۽ (يهودي) چون ٿا ته هرگز اسان کي (دوزخ جي) باهه نه ڇهندي، مگر ڪجهه ڳڻيل (۽ ٿورا) ڏينهن. (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته ڇا توهان

عَهْدًا فَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ عَهْدَهٗٓ اَمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ۝٨٠

الله کان عهد ورتو آهي؟ پوءِ الله هرگز پنهنجي عهد جي خلاف نه ڪندو يا الله تي (بهتان واري) ڳالهه چئو ٿا، جيڪا نٿا ڄاڻو (٨٠)

بَلٰى مَنْ كَسَبَ سَيِّئَةً وَّاَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْٓئَتُهٗ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ

هائو! جيڪو گناهه ڪمائيندو ۽ کيس سندس گناهه وڪوڙي ويا، ته اهي ئي ماڻهو دوزخي آهن، منجهس سدائين

فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ۝٨١ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ

رهڻ وارا آهن (٨١) ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، اهي ئي ماڻهو جنتي آهن، اهي منجهس سدائين

الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِیْٓ اِسْرَآءِيْلَ لَا

رهڻ وارا آهن ﴿٨٢﴾ ۽ جڏهن يعقوب (عليه السلام) جي اولاد کان عهد ورتوسون ته الله کان سواءِ ڪنهن جي به عبادت نه ڪندا ۽ ڀلائي

تَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ قف وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّذِی الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ

ڪندا ماءُ پيءُ سان ۽ مِٽن مائٽن سان ۽ يتيمن سان ۽ مسڪينن سان ۽ ماڻهن سان سهڻو ڳالهايو ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوٰة

وَقُوْلُوْا لِلنَّاسِ حُسْنًا وَّاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ط ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ اِلَّا

ڏيو، پوءِ توهان (انهيءَ عهد کي) پٺي ڏني، مگر توهان مان ڪي ٿورا آهن (جن ايمان آندو) ۽ توهان (پنهنجن ابن ڏاڏن

قَلِيْلًا مِّنْكُمْ وَاَنْتُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٨٣﴾ وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ لَا تَسْفِكُوْنَ دِمَآءَكُمْ

وانگر) منهن موڙيندڙ آهيو ﴿٨٣﴾ ۽ جڏهن توهان کان عهد ورتوسون ته هڪ ٻئي جو رت نه وهائيندا ۽ پنهنجن شهرن مان

وَلَا تُخْرِجُوْنَ اَنْفُسَكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ ثُمَّ اَقْرَرْتُمْ وَاَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿٨٤﴾

هڪ ٻئي کي نه ڪڍندا پوءِ توهان اقرار ڪيو ۽ (اڄ اي يهوديؤ! توهان انهيءَ عهد کي قبول ڪرڻ جي) شاهدي ڏيو ٿا ﴿٨٤﴾

ثُمَّ اَنْتُمْ هٰٓؤُلَآءِ تَقْتُلُوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَتُخْرِجُوْنَ فَرِيْقًا مِّنْكُمْ مِّنْ دِيَارِهِمْ ز

پوءِ (اي يهودين جي ٽولي! توهان پنهنجي ان عهد جي ڀڃڪڙي ڪئي.) هڪ ٻئي کي قتل ڪريو ٿا ۽ پاڻ مان هڪڙي ٽوليءَ کي

تَظٰهَرُوْنَ عَلَيْهِمْ بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ط وَاِنْ يَّاْتُوْكُمْ اُسٰرٰى تُفٰدُوْهُمْ

سندن گهرن مان ڪيو ٿا. سندن خلاف گناهه، ظلم ۽ دشمنيءَ ۾ مدد ڪريو ٿا ۽ جيڪڏهن توهان وٽ قيدي ٿي اچن ٿا ته سندن فديو

وَهُوَ مُحَرَّمٌ عَلَيْكُمْ اِخْرَاجُهُمْ ط اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ

ڏيو ٿا (۽ ڇڏائي وٺو ٿا.) ۽ توهان تي سندن ڪڍڻ حرام آهي. ڇا پوءِ ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان آڻيو ٿا ۽ هڪ حصي جو

بِبَعْضٍ ۚ فَمَا جَزَآءُ مَنْ يَّفْعَلُ ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْیٌ فِی الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ

ڪفر ڪريو ٿا؟ پوءِ توهان مان جيڪو شخص ائين ڪندو، تنهن جي جزا ڪهڙي آهي؟ سواءِ دنيا جي زندگيءَ ۾ خواريءَ جي

وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُرَدُّوْنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا

۽ قيامت جي ڏينهن ڪين سڀ کان سخت عذاب ڏانهن موٽايو ويندو ۽ جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، الله تعاليٰ انهن کان

تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٥﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ؗ فَلَا يُخَفَّفُ

غافل نہ آهي ﴿٨٥﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن دنيا جي حياتيءَ کي آخرت جي بدلي ۾ خريد ڪيو، پوءِ انهن تان عذاب

عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٨٦﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَ

هلڪو نہ ڪيو ويندو ۽ نہ ئي ڪين مدد ڏني ويندي ﴿٨٦﴾ ۽ بيشڪ اسان ڏنو موسيٰ کي ڪتاب (يعني توريت هڪ وقت ۾) ۽ ان کان

قَفَّيْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ بِالرُّسُلِ ؗ وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ

پوءِ لاڳيتا رَسُولَ موڪلياسون ۽ ڏنيون اسان عيسيٰ پٽ مريم کي پڌريون نشانيون ۽ جبريل سان ڪيس مدد ڏني سون. ڇا پوءِ

بِرُوْحِ الْقُدُسِ ؕ اَفَكُلَّمَا جَآءَكُمْ رَسُوْلٌۢ بِمَا لَا تَهْوٰٓى اَنْفُسُكُمُ

جڏهن بہ توهان وٽ (اي يهوديو!) ڪنهن رسول اها شيءِ آندي، جنهن کي توهان جي نفس پسند نہ ڪيو، توهان وڏائي

اسْتَكْبَرْتُمْ ۚ فَفَرِيْقًا كَذَّبْتُمْ ؗ وَفَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ ﴿٨٧﴾ وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ؕ

ڪئي. پوءِ انهن مان هڪڙي ٽوليءَ کي توهان ڪوڙو ڪيو ۽ هڪڙي ٽوليءَ کي قتل ڪريو ٿا ﴿٨٧﴾ ۽ چون ٿا تہ اسان جي دلين تي

بَلْ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَقَلِيْلًا مَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾ وَلَمَّا جَآءَهُمْ كِتٰبٌ

پردو آهي، بلڪ الله سندن ڪفر سبب مٿن لعنت وڌي آهي، پوءِ ڪي ٿورا ايمان آڻين ٿا ﴿٨٨﴾ ۽ جڏهن وٽن الله جي طرفان ڪتاب

مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ ۙ وَكَانُوْا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُوْنَ

(يعني قرآن) آيو، جيڪو تصديق ڪندڙ آهي (توريت) جي، جيڪو وٽن آهي ۽ اهي (حضرت محمد ﷺ جن جي نبوت) کان اڳ

عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ فَلَمَّا جَآءَهُمْ مَّا عَرَفُوْا كَفَرُوْا بِهٖ ؗ فَلَعْنَةُ اللّٰهِ

ڪافرن تي (الله کان سندن ذريعي) مدد گهرندا هئا. پوءِ جڏهن اهو وٽن آيو، جنهن کي سڃاتائون، (تڏهن بہ) ان جا ڪافر ٿيا. پوءِ

عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٩﴾ بِئْسَمَا اشْتَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ اَنْ يَّكْفُرُوْا بِمَآ اَنْزَلَ

ڪافرن تي الله جي لعنت آهي ﴿٨٩﴾ ڏاڍي بڇڙي شيءِ آهي، اها جيڪا سندن نفسن خريد ڪئي ته الله جيڪو (قرآن) لاٿو آهي،

اللّٰهُ بَغْيًا اَنْ يُّنَزِّلَ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ۚ

حسد وچان ان جو ڪفر ڪن، جو الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان، پنهنجن ٻانهن مان جنهن تي چاهيندو آهي، (پنهنجو ڪتاب)

فَبَآءُوْ بِغَضَبٍ عَلٰى غَضَبٍ ؕ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿٩٠﴾ وَاِذَا قِيْلَ

لاهيندو آهي. پوءِ غضب مٿان غضب ڏانهن موٽيا ۽ ڪافرن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي ﴿٩٠﴾ ۽ جڏهن کين چيو وڃي

لَهُمْ اٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا نُؤْمِنُ بِمَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا وَيَكْفُرُوْنَ

ته جيڪي ڪجهه الله لاٿو آهي، ان تي ايمان آڻيو. چون ٿا ته جيڪي ڪجهه اسان ڏانهن لاٿو ويو آهي، اسان انهيءَ تي

بِمَا وَرَآءَهٗ ۗ وَهُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَهُمْ ؕ قُلْ فَلِمَ تَقْتُلُوْنَ اَنْۢبِيَآءَ

ايمان آڻيون ٿا ۽ ان کان سواءِ جيڪو (ڪتاب) آهي، تنهن جو ڪفر ڪن ٿا ۽ اهو تصديق ڪندڙ آهي انهن (ڪتابن) جي، جيڪي وٽن
آهن. فرماءِ ته پوءِ ڇا جي ڪري ان کان اڳ توهان الله جي پيغمبرن کي قتل ڪندا هئا؟ جيڪڏهن توهين (توريت تي)

اللّٰهِ مِنْ قَبْلُ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٩١﴾ وَلَقَدْ جَآءَكُمْ مُّوْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ

ايمان رکڻ وارا آهيو ﴿٩١﴾ ۽ بيشڪ توهان وٽ موسيٰ (عليه السلام) روشن نشانيون آنديون. پوءِ (موسيٰ عليه السلام جي جبل طور

ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿٩٢﴾ وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ

تي وڃڻ کان پوءِ) توهان گابي کي معبود بڻايو ۽ توهان ظالم هئا ﴿٩٢﴾ ۽ جڏهن توهان کان عهد ورتوسون ۽ توهان جي

وَرَفَعْنَا فَوْقَكُمُ الطُّوْرَ ؕ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاسْمَعُوْا ؕ قَالُوْا سَمِعْنَا

مٿان جبل طور کي ڪڙوڪيوسون (چيوسون ته) جو ڪجهه اسان توهان کي ڏنو آهي، ان کي مضبوطيءَ سان وٺو ۽ ٻڌو (يعني
فرمانبرداري ڪريو.) چيائون ته (تنهنجي ڳالهه) ٻڌي سون ۽ (تنهنجي حڪم جي) نافرماني ڪئي سون ۽ سندن ڪفر سبب سندن

وَعَصَيْنَا ۗ وَاُشْرِبُوْا فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْعِجْلَ بِكُفْرِهِمْ ؕ قُلْ بِئْسَمَا يَاْمُرُكُمْ

دلين ۾ گابي جي محبت پياري وئي. فرماءِ ته ڏاڍي بڇڙي شيءِ آهي، جنهن لاءِ توهان کي توهان جو ايمان حڪم ڪري

بِهٖٓ اِيْمَانُكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٩٣﴾ قُلْ اِنْ كَانَتْ لَكُمُ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ

تو، جيڪڏهن توهين ايمان وارا آهيو ﴿٩٣﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ جيڪڏهن ماڻهن جي بجاءِ الله تعاليٰ وٽ توهان جي لاءِ ئي

عِنْدَ اللّٰهِ خَالِصَةً مِّنْ دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ

آخرت جو گهر (يعني جنت) خاص آهي تہ پوءِ توهان موت جي تمنا ڪريو، جيڪڏهن توهين (پنهنجي انهيءَ دعويٰ ۾) سچا

صٰدِقِيْنَ ﴿٩٤﴾ وَلَنْ يَّتَمَنَّوْهُ اَبَدًۢا بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ

آهيو ﴿٩٤﴾ ۽ هرگز اهي موت جي تمنا نہ ڪندا، انهن (گناهن) جي سبب جيڪي سندن هٿن اڳتي موڪليا آهن ۽ الله ظالمن کي

بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٩٥﴾ وَلَتَجِدَنَّهُمْ اَحْرَصَ النَّاسِ عَلٰى حَيٰوةٍ ۚۛ وَمِنَ الَّذِيْنَ

ڄاڻندڙ آهي ﴿٩٥﴾ ۽ ضرور يهودين ۽ مشرڪن (۽ مجوسين) کي زندگيءَ تي ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ حريص لهندين. انهن مان

اَشْرَكُوْا ۚۛ يَوَدُّ اَحَدُهُمْ لَوْ يُعَمَّرُ اَلْفَ سَنَةٍ ۚ وَمَا هُوَ بِمُزَحْزِحِهٖ

هر هڪ چاهي ٿو تہ جيڪر هڪ هزار سال جيئرو رهي ۽ اها (ڊگهي عمر) ڪيس (الله جي) عذاب کان بچائيندڙ نہ آهي تہ (ايتري

مِنَ الْعَذَابِ اَنْ يُّعَمَّرَ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾ ع قُلْ مَنْ كَانَ عَدُوًّا

ڊگهي) عمر جيئرو رهي ۽ جيڪي عملَ اهي ڪن ٿا، الله انهن کي ڏسندڙ آهي ﴿٩٦﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ جيڪو شخص جبرئيل

لِّجِبْرِيْلَ فَاِنَّهٗ نَزَّلَهٗ عَلٰى قَلْبِكَ بِاِذْنِ اللّٰهِ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ

جو دشمن آهي تہ پوءِ بيشڪ انهيءَ هن (قرآن) کي الله جي حڪم سان تنهنجي دل تي لاٿو آهي، پاڻ کان اڳين ڪتابن جي

وَهُدًى وَّبُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٩٧﴾ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَرُسُلِهٖ

تصديق ڪندڙ ۽ مؤمنن لاءِ هدايت ۽ خوشخبري آهي ﴿٩٧﴾ جيڪو بہ شخص الله ۽ سندس فرشتن ۽ سندس رسولن ۽ جبرئيل ۽

وَجِبْرِيْلَ وَمِيْكٰلَ فَاِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٩٨﴾ وَلَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ

ميڪائيل جو دشمن آهي تہ پوءِ بيشڪ الله ڪافرن جو (وڏو) دشمن آهي ﴿٩٨﴾ ۽ بيشڪ (اي مُحَمَّد ﷺ!) اسان توڏانهن روشن نشانيون

اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ ۚ وَمَا يَكْفُرُ بِهَآ اِلَّا الْفٰسِقُوْنَ ﴿٩٩﴾ اَوَ كُلَّمَا عٰهَدُوْا عَهْدًا

لاٿيون آھن ۽ انھن جو ڪفر الله جي فرمان کان نڪري ويندڙ ماڻھو ئي ڪن ٿا ﴿٩٩﴾ يا جڏھن بہ يھودين عھد ڪيو ڪو بہ عھد، تہ انھن

نَّبَذَهٗ فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ ۭ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠٠﴾ وَلَمَّا جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ

مان ھڪڙي ٽولي ئي ان کي اڇلائي ڇڏيو، بلڪ انھن مان گھڻا ايمان نٿا آڻين ﴿١٠٠﴾ ۽ جڏھن وٽن الله جي طرفان ھڪ پيغمبر (يعني

مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ نَبَذَ فَرِيْقٌ مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ ۙ

حضرت محمد ﷺ) آيو تصديق ڪندي، انھن (ڪتابن) جي جيڪي وٽن آھن تہ ڪتاب وارن (يعني يھودين) مان ھڪڙي ٽولي ئي الله

كِتٰبَ اللّٰهِ وَرَآءَ ظُهُوْرِهِمْ كَاَنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠١﴾ وَاتَّبَعُوْا مَا تَتْلُوا

جي ڪتاب کي پنھنجين پٺين جي پويان اڇلائي ڇڏيو، ڄڻ تہ اھي (ان کي) نٿا ڄاڻن ﴿١٠١﴾ ۽ سليمان جي بادشاھي ۾ جي زماني

الشَّيٰطِيْنُ عَلٰى مُلْكِ سُلَيْمٰنَ ۚ وَمَا كَفَرَ سُلَيْمٰنُ وَلٰكِنَّ الشَّيٰطِيْنَ كَفَرُوْا

۾ شيطان جو ڪجھ پڙھندا ھئا، ان جي پيروي ڪيائون ۽ سليمان ڪافر ۽ جادوگر نہ ھو ۽ پر شيطانَ ڪافر ۽ جادوگر ٿيا. ماڻھن کي

يُعَلِّمُوْنَ النَّاسَ السِّحْرَ ۗ وَمَآ اُنْزِلَ عَلَى الْمَلَكَيْنِ بِبَابِلَ هَارُوْتَ وَ

جادو سيکاريندا ھئا ۽ بابل (شھر) جي ٻن فرشتن ھاروت ۽ ماروت تي جو ڪجھ نازل ڪيو ويو (ان جي پيروي ڪيائون) ۽ اھي ٻئي

مَارُوْتَ ۭ وَمَا يُعَلِّمٰنِ مِنْ اَحَدٍ حَتّٰى يَقُوْلَآ اِنَّمَا نَحْنُ فِتْنَةٌ فَلَا

فرشتا ڪنھن ھڪ کي ڪجھ نہ سيکاريندا ھئا، تانجو چوندا ھئا تہ بيشڪ اسين آزمائش (جو سبب) آھيون، پوءِ ڪفر نہ ڪر (۽ جادو نہ

تَكْفُرْ ۭ فَيَتَعَلَّمُوْنَ مِنْهُمَا مَا يُفَرِّقُوْنَ بِهٖ بَيْنَ الْمَرْءِ وَزَوْجِهٖ ۭ

سک) پوءِ انھن ٻنھي کان سکندا ھئا اھي ڳالھيون، جن سان زال ۽ مڙس ۾ جدائي وجھندا ھئا ۽ الله جي حڪم کان سواءِ ان سان

وَمَا هُمْ بِضَآرِّيْنَ بِهٖ مِنْ اَحَدٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَيَتَعَلَّمُوْنَ مَا يَضُرُّهُمْ

ڪنھن کي بہ نقصان ڏيڻ وارا نہ آھن ۽ اھي ڳالھيون سکن ٿا، جيڪي کين نقصان ڏين ٿيون ۽ کين فائدو نٿيون ڏين ۽ تحقيق

وَلَا يَنْفَعُهُمْ ؕ وَلَقَدْ عَلِمُوْا لَمَنِ اشْتَرٰىهُ مَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ

ڄاڻائون ته جيڪو شخص جادوءَ کي خريد ڪندو، تنهن لاءِ آخرت (يعني بهشت) ۾ ڪو بهرو نه آهي ۽ اهاڏاڍي بڇڙي شيءِ آهي،

خَلَاقٍ ۚ وَلَبِئْسَ مَا شَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ ؕ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠٢﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ

جيڪا انهن پنهنجي لاءِ خريد ڪئي، جيڪڏهن اهي ڄاڻن ها (ته جادوءَ تي يقين نه رکن ها) ﴿١٠٢﴾ ۽ جيڪڏهن اهي ايمان آڻين ها ۽

اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَمَثُوْبَةٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ خَيْرٌ ؕ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠٣﴾ ع يٰٓاَيُّهَا

(جادوءَ ۽ يهوديت کان) بچن ها ته البت الله وٽ چڱو ثواب آهي، جيڪڏهن ڄاڻن ها (ته ضرور ايمان آڻين ها) ﴿١٠٣﴾ اي مؤمنو! (حضرت

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَقُوْلُوا انْظُرْنَا وَاسْمَعُوْا ؕ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ

محمد ﷺ جن سان ڳالهائڻ وقت يهودين وانگر) "راعنا" نه چئو ۽ "انظرنا" چئو ۽ (پاڻ سڳورا ﷺ جيڪي ڪجهه فرمائين، تنهن

اَلِيْمٌ ﴿١٠٤﴾ مَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَلَا الْمُشْرِكِيْنَ اَنْ

کي) ٻڌو ۽ ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿١٠٤﴾ نه اهل ڪتاب جا ڪافر پسند ڪن ٿا ۽ نه ئي مشرڪ ته توهان تي توهان جي ربّ جي

يُّنَزَّلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ خَيْرٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ

طرفان ڪا ڀلائي لاٿي وڃي ۽ الله تعاليٰ جنهن کي گهرندو آهي، پنهنجي رحمت لاءِ خاص ڪندو آهي

وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿١٠٥﴾ مَا نَنْسَخْ مِنْ اٰيَةٍ اَوْ نُنْسِهَا نَاْتِ بِخَيْرٍ

۽ الله وڏي فضل وارو آهي ﴿١٠٥﴾ اسين جيڪا به آيت منسوخ ڪندا آهيون يا ان کي ڀلائيندا آهيون،

مِّنْهَآ اَوْ مِثْلِهَا ؕ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٠٦﴾ اَلَمْ

ان کان چڱي يا ان جهڙي (آيت) آڻيندا آهيون. ڇا نٿو ڄاڻين ته الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ﴿١٠٦﴾ ڇا نٿو

تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ

ڄاڻين ته آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي ئي آهي ۽ توهان لاءِ الله کان سواءِ نه ڪو دوست آهي

مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿١٠٧﴾ اَمْ تُرِيْدُوْنَ اَنْ تَسْـَٔلُوْا رَسُوْلَكُمْ كَمَا سُئِلَ

۽ نہ ڪو مددگار آهي ﴿١٠٧﴾ ڇا گھرو ٿا تہ توهان پنهنجي رسول (ڪريم ﷺ) کان (ائين) سوال ڪريو، جيئن اڳ ۾

مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ؕ وَمَنْ يَّتَبَدَّلِ الْكُفْرَ بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ

موسيٰ (عليه السلام) کان سوال ڪيا ويا ۽ جيڪو ايمان ڪي ڪفر سان بدلائيندو، تہ پوءِ بيشڪ اهو سڌي واٽ کان

السَّبِيْلِ ﴿١٠٨﴾ وَدَّ كَثِيْرٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يَرُدُّوْنَكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ اِيْمَانِكُمْ

گمراه ٿي ويو ﴿١٠٨﴾ ڪتاب وارن مان گھڻا گھرن ٿا تہ توهان کي ايمان کان پوءِ ڪافريءَ ڏانهن موٽائين، انهيءَ حسد جي

كُفَّارًا ۚۖ حَسَدًا مِّنْ عِنْدِ اَنْفُسِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْحَقُّ ۚ

ڪري، جيڪو سندن دلين ۾ آهي، هن کان پوءِ جو سندن لاءِ حقّ روشن ٿي چڪو آهي. پوءِ معاف ڪريو

فَاعْفُوْا وَاصْفَحُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٠٩﴾

۽ مهرباني ڪريو، تانجو الله پنهنجو حڪم آڻي. بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ﴿١٠٩﴾

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ وَمَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ

۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽ پنهنجي لاءِ جيڪا بہ ڀلائي اڳتي موڪليندا، الله وٽ ان (جو اجر) لهندا.

عِنْدَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿١١٠﴾ وَقَالُوْا لَنْ يَّدْخُلَ الْجَنَّةَ اِلَّا

بيشڪ جو ڪجھ توهان ڪريو ٿا، تنهن کي الله ڏسندڙ آهي ﴿١١٠﴾ ۽ يهودي چون ٿا تہ جنت ۾ رڳو يهودي ئي ويندو ۽

مَنْ كَانَ هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ؕ تِلْكَ اَمَانِيُّهُمْ ؕ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ

عيسائي چون ٿا تہ جنت ۾ رڳو عيسائي ئي ويندو. اهي سندن خواهشون آهن. (اي محمّد ﷺ!) فرماءِ تہ جيڪڏهن توهان

كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١١١﴾ بَلٰى ۚ مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَلَهٗٓ اَجْرُهٗ

سچا آهيو تہ پنهنجو دليل آڻيو ﴿١١١﴾ هائو! جنهن پاڻ کي الله جي حوالي ڪيو ۽ اهو نيڪي ڪندڙ آهي تہ پوءِ انهيءَ لاءِ

الثلثة

عِنْدَ رَبِّهٖ ۪ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿١١٢﴾ ۧ وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ لَيْسَتِ

سندس ربّ وٽ اجر آهي ۽ نہ مٿن ڪو خوف آهي ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا ﴿١١٢﴾ ۽ يهودين چيو تہ عيسائي ڪنهن شيءِ تي نہ

النَّصٰرٰى عَلٰى شَىْءٍ ۪ وَّقَالَتِ النَّصٰرٰى لَيْسَتِ الْيَهُوْدُ عَلٰى شَىْءٍ ۙ وَّهُمْ

آهن ۽ عيسائين چيو تہ يهودي ڪنهن شيءِ تي نہ آهن ۽ اهي ڪتاب ڪي پڙهن ٿا. اهڙي طرح جيڪي ماڻهو

يَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ مِثْلَ قَوْلِهِمْ ۚ فَاللّٰهُ

نٿا ڄاڻن، اهي بہ انهن جهڙي ڳالهہ وانگر چون ٿا. پوءِ الله تعاليٰ ئي قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾ فيصلو فرمائيندو،

يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١١٣﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ

انهن (ڳالهين) جي باري ۾ جن جي باري ۾ اهي اختلاف ڪن ٿا ﴿١١٣﴾ ۽ ان ڪان وڌيڪ ظالم شخص ڪير آهي،

مِمَّنْ مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ وَسَعٰى فِىْ خَرَابِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ

جيڪو الله جي مسجدن ۾ سندس نالي وٺڻ ڪان روڪي ۽ انهن (مسجدن) ڪي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري؟ انهن

مَا كَانَ لَهُمْ اَنْ يَّدْخُلُوْهَآ اِلَّا خَآئِفِيْنَ ؕ لَهُمْ فِى الدُّنْيَا خِزْىٌ وَّلَهُمْ

ماڻهن ڪي نٿو جڳائي تہ منجهن داخل ٿين، مگر (الله تعاليٰ ڪان) ڊڄندي. سندن لاءِ دنيا ۾ بہ خواري آهي

فِى الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١١٤﴾ وَلِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ ۗ فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا

۽ سندن لاءِ آخرت ۾ بہ وڏو عذاب آهي ﴿١١٤﴾ ۽ اوڀر ۽ اولهہ الله جا آهن. پوءِ جنهن بہ طرف توهان منهن ڪندا، انهيءَ طرف

فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿١١٥﴾ وَقَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۙ

الله (جو قبلو) آهي، بيشڪ الله ڪشادي (نعمت وارو) علم وارو آهي ﴿١١٥﴾ ۽ انهن (يعني مديني جي يهودين،

سُبْحٰنَهٗ ؕ بَلْ لَّهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ ﴿١١٦﴾

نجران جي عيسائين ۽ عرب جي مشرڪن) چيو تہ الله تعاليٰ پنهنجي لاءِ اولاد ورتو آهي. الله (هر عيب ۽ ڪمي ڪوتاهيءَ
ڪان) پاڪ آهي، بلڪ جيڪي ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، (سڀ) سندس فرمانبردار آهن ﴿١١٦﴾ (الله جل جلالہ) آسمانن ۽

بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَاِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ

زمين كي نئين سِر جوڙيندڙ آهي ۽ جڏهن ڪنهن ڪم جو ارادو ڪندو آهي ته پوءِ دراصل ان کي چوندو آهي ته "ٿيءُ" ته

فَيَكُوْنُ ﴿۱۱۷﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ لَوْلَا يُكَلِّمُنَا اللّٰهُ اَوْ تَاْتِيْنَآ

اهو ٿي پوندو آهي ﴿۱۱۷﴾ ۽ چيو انهن جيڪي نٿا ڄاڻن ته اسان سان الله چو نٿو ڳالهائي، يا اسان وٽ ڪا نشاني چو نٿي

اٰيَةٌ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّثْلَ قَوْلِهِمْ ؕ تَشَابَهَتْ

اچي؟ جيڪي ماڻهو انهن کان اڳ ۾ هئا، اهي به انهن جهڙي ڳالهه چوندا هئا. سندن دليون هڪجهڙيون آهن. بيشڪ اسان

قُلُوْبُهُمْ ؕ قَدْ بَيَّنَّا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿۱۱۸﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا

نشانيون روشن ڪيون آهن، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي يقين رکن ٿا ﴿۱۱۸﴾ بيشڪ اسان توکي (اي مُحَمَّد ﷺ!) حقّ سان بشارت

وَّنَذِيْرًا ۙ وَّلَا تُسْئَلُ عَنْ اَصْحٰبِ الْجَحِيْمِ ﴿۱۱۹﴾ وَلَنْ تَرْضٰى عَنْكَ

ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي ۽ توکان دوزخين جي باري ۾ پڇيو نه ويندو ﴿۱۱۹﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) يهودي ۽ عيسائي

الْيَهُوْدُ وَلَا النَّصٰرٰى حَتّٰى تَتَّبِعَ مِلَّتَهُمْ ؕ قُلْ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ

توکان هرگز راضي نه ٿيندا، تانجو سندن مذهب جي پيروي ڪرين. فرماءِ ته بيشڪ الله جي واٽ ئي (سچي ۽) هدايت

الْهُدٰى ؕ وَلَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ بَعْدَ الَّذِيْ جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ

واري واٽ آهي ۽ جيڪڏهن علم جي اچڻ کان بعد به سندن خواهشن جي پيروي ڪندين ته الله جي مقابلي ۾

مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿۱۲۰﴾ اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ

تنهنجو نه ڪو دوست هوندو ۽ نه ڪو مددگار هوندو ﴿۱۲۰﴾ جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي، اهي ان جي تلاوت

يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ فَاُولٰٓئِكَ

جو حقّ ادا ڪن ٿا. اهي ماڻهو ان تي ايمان رکن ٿا ۽ جيڪي ماڻهو ان جا ڪافر ٿيندا، ته پوءِ اهي ئي ماڻهو نقصان

وقف منزل

هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٢١﴾ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ

يوڳڻ وارا آهن ﴿١٢١﴾ اي يعقوب جا اولاد! (منهنجو شڪر ڪريو ۽) منهنجي ان نعمت کي ياد ڪريو، جيڪا مون توهان تي ڪئي

عَلَيْكُمْ وَاَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢٢﴾ وَاتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ

۽ هيءَ ته مون توهان کي جهانن وارن تي فضيلت بخشي (يعني توهان جي زماني ۾) ﴿١٢٢﴾ ۽ ڊڄو ان ڏينهن (جي عذاب)

نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّلَا يُقْبَلُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا تَنْفَعُهَا

کان، جنهن ۾ ڪو ساهوارو ڪنهن ساهواري کي بدلو نه ڏيندو ۽ نه (ڪنهن ڪافر) کان فديو قبول ڪيو ويندو ۽ نه ڪيس ڪا شفاعت

شَفَاعَةٌ وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ وَاِذِ ابْتَلٰٓى اِبْرٰهٖمَ رَبُّهٗ بِكَلِمٰتٍ

فائدو ڏيندي ۽ نه ڪين مدد ڏني ويندي ﴿١٢٣﴾ ۽ (ياد ڪر اي محمد ﷺ! اهو زمانو) جڏهن ابراهيم (عليه السلام) کي سندس ربّ ڪن ڳالهين

فَاَتَمَّهُنَّ ۭ قَالَ اِنِّيْ جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ اِمَامًا ۭ قَالَ وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ ۭ

۾ آزمايو، پوءِ انهيءَ انهن کي پورو ڪيو. الله فرمايو ته بيشڪ آءٌ توکي ماڻهن جو امام بڻائيندڙ آهيان. (ابراهيم عرض ڪيو ته ۽

قَالَ لَا يَنَالُ عَهْدِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٢٤﴾ وَاِذْ جَعَلْنَا الْبَيْتَ مَثَابَةً

منهنجي اولاد کي به؟ الله فرمايو ته منهنجو عهد ظالمن کي نه پهچندو آهي ﴿١٢٤﴾ ۽ جڏهن بڻايو اسان بيت الله کي ماڻهن لاءِ مرڪز

لِّلنَّاسِ وَاَمْنًا ۭ وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ۭ وَعَهِدْنَآ اِلٰٓى

۽ امن جو هنڌ (حڪم ڪيوسون ته) ابراهيم جي بيهڻ جي جاءِ کي نماز جي جاءِ بڻايو ۽ ابراهيم ۽ اسماعيل کان عهد ورتوسون ته

اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا بَيْتِيَ لِلطَّآئِفِيْنَ وَالْعٰكِفِيْنَ وَالرُّكَّعِ

منهنجي گهر (يعني ڪعبة الله شريف) کي طواف ڪندڙن ۽ اعتڪاف ڪندڙن (۽ قيام ڪندڙن) ۽ رڪوع ڪندڙن ۽ سجدو ڪندڙن لاءِ

السُّجُوْدِ ﴿١٢٥﴾ وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا وَّ

پاڪ صاف رکو ﴿١٢٥﴾ ۽ جڏهن ابراهيم چيو ته ربّ منهنجا! هن کي امن جو شهر بڻاءِ ۽ هتان جي رهندڙن کي

ارۡزُقۡ اَهۡلَهٗ مِنَ الثَّمَرٰتِ مَنۡ اٰمَنَ مِنۡهُمۡ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ ؕ

ميون مان روزي ڏي، انهن ماڻهن کي، جيڪي انهن مان الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻين. الله فرمايو

قَالَ وَمَنۡ كَفَرَ فَاُمَتِّعُهٗ قَلِيۡلًا ثُمَّ اَضۡطَرُّهٗۤ اِلٰى عَذَابِ النَّارِ ؕ

تہ ۽ جيڪو ڪافر ٿيندو، تنهن کي بہ ٿورو فائدو ڏيندس، پوءِ کيس دوزخ جي عذاب ڏانهن گهليندس ۽ (اها ڏاڍي)

وَبِئۡسَ الۡمَصِيۡرُ ﴿۱۲۶﴾ وَاِذۡ يَرۡفَعُ اِبۡرٰهٖمُ الۡقَوَاعِدَ مِنَ الۡبَيۡتِ وَ

بڇڙي جاءِ آهي ﴿۱۲۶﴾ ۽ جڏهن ابراهيم ۽ اسماعيل (عليهما السلام) بيت الله جي عمارت جا بنياد مٿي کڻي رهيا هئا (ان وقت دعا

اِسۡمٰعِيۡلُ ؕ رَبَّنَا تَقَبَّلۡ مِنَّا ؕ اِنَّكَ اَنۡتَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۱۲۷﴾ رَبَّنَا

گهري رهيا هئا تہ) اي ربّ اسان جا! اسان کان (هيءَ خدمت) قبول فرماءِ. بيشڪ تون ئي ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهين ﴿۱۲۷﴾ ربّ اسان

وَاجۡعَلۡنَا مُسۡلِمَيۡنِ لَكَ وَمِنۡ ذُرِّيَّتِنَاۤ اُمَّةً مُّسۡلِمَةً لَّكَ ۪ وَاَرِنَا

جا! اسان ٻنهي کي پنهنجو فرمانبردار ڪر ۽ اسان جي اولاد مان بہ هڪ جماعت کي پنهنجو فرمانبردار ڪر ۽ اسان کي اسان

مَنَاسِكَنَا وَتُبۡ عَلَيۡنَا ۚ اِنَّكَ اَنۡتَ التَّوَّابُ الرَّحِيۡمُ ﴿۱۲۸﴾ رَبَّنَا

جي عبادت جا طريقا سيکار ۽ اسان جون خطائون معاف ڪر، بيشڪ تون ئي توبہ قبول ڪندڙ رحم ڪندڙ آهين ﴿۱۲۸﴾ ربّ اسان جا!

وَابۡعَثۡ فِيۡهِمۡ رَسُوۡلًا مِّنۡهُمۡ يَتۡلُوۡا عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتِكَ وَيُعَلِّمُهُمُ

انهن ۾ انهن مان ئي هڪڙو رسول (ﷺ) موڪل، جيڪو انهن کي تنهنجيون آيتون پڙهي ٻڌائي ۽ انهن کي

الۡكِتٰبَ وَالۡحِكۡمَةَ وَيُزَكِّيۡهِمۡ ؕ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿۱۲۹﴾ ع ١٥ ٨ ١٥

ڪتاب ۽ حڪمت (يعني سنت) جي تعليم ڏي ۽ انهن کي پاڪ ڪري. بيشڪ تون ئي غالب حڪمت وارو آهين ﴿۱۲۹﴾

وَمَنۡ يَّرۡغَبُ عَنۡ مِّلَّةِ اِبۡرٰهٖمَ اِلَّا مَنۡ سَفِهَ نَفۡسَهٗ ؕ

۽ ابراهيم (عليه السلام) جي ملت (يعني دين اسلام) کان ڪير منهن موڙيندو، سواءِ انهيءَ شخص جي، جيڪو پنهنجي

وَلَقَدِ اصْطَفَيْنٰهُ فِي الدُّنْيَا ۚ وَ اِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٣٠﴾

نفس کان اڻ ڄاڻ آهي ۽ بيشڪ اسان ان کي دنيا ۾ چونڊيو ۽ بيشڪ اهو آخرت ۾ بہ يقينًا نيڪن مان آهي ﴿١٣٠﴾

اِذْ قَالَ لَهٗ رَبُّهٗٓ اَسْلِمْ ۙ قَالَ اَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٣١﴾ وَوَصّٰى

جڏهن کيس سندس ربّ فرمايو تہ (منهنجو) فرمانبردار ٿيءُ! چيائين تہ آءٌ جهانن جي ربّ جو فرمانبردار آهيان ﴿١٣١﴾ ۽ ابراهيم ۽

بِهَآ اِبْرٰهٖمُ بَنِيْهِ وَ يَعْقُوْبُ ۭ يٰبَنِيَّ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰى لَكُمُ

يعقوب (عليهما السلام) پنهنجي اولاد کي انهيءَ (ابراهيمي ملت تي هلڻ) جي وصيت ڪئي تہ اي منهنجا پٽڙو! بيشڪ الله

الدِّيْنَ فَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ ۭ اَمْ كُنْتُمْ

توهان لاءِ دين (اسلام) کي چونڊيو آهي، پوءِ هرگز توهان تي موت نہ اچي، مگر (هن حالت ۾ جو) توهان مسلمان هجو ﴿١٣٢﴾ يا

شُهَدَآءَ اِذْ حَضَرَ يَعْقُوْبَ الْمَوْتُ ۙ اِذْ قَالَ لِبَنِيْهِ مَا

توهان (اي يهودين جي جماعت! انهيءَ وقت) حاضر هئا، جڏهن يعقوب موت کي ويجهو ٿيو. جڏهن پنهنجن پٽن کي

تَعْبُدُوْنَ مِنْۢ بَعْدِيْ ۭ قَالُوْا نَعْبُدُ اِلٰهَكَ وَ اِلٰهَ اٰبَآئِكَ

چيائين تہ توهان (منهنجي موت کان) پوءِ ڪنهن جي عبادت ڪندا؟ انهن چيو تہ اسان تنهنجي معبود ۽ تنهنجي ابن ڏاڏن

اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَ اِسْحٰقَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ ۖ وَّ نَحْنُ لَهٗ

ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق (عليهم السلام) جي معبود، (يعني) هڪڙي الله جي عبادت ڪنداسون ۽ اسان سندس

مُسْلِمُوْنَ ﴿١٣٣﴾ تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَ لَكُمْ

فرمانبردار آهيون ﴿١٣٣﴾ اها (ابراهيم ۽ يعقوب ۽ سندن پٽن جي) جماعت، هڪڙي جماعت هئي، جيڪا اڳ ۾ گذري

مَّا كَسَبْتُمْ ج وَلَا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٣٤﴾ وَ قَالُوْا

چڪي. سندن لاءِ اهي (عملَ) آهن، جيڪي انهن ڪمايا ۽ توهان لاءِ (اي يهوديو!) اهي (عملَ) آهن، جيڪي توهان ڪمايا ۽
توهان کان سندن ڪمن جي باري ۾ پڇا نہ ڪئي ويندي (بلڪ توهان کان پنهنجن عملن جي باري ۾ پڇا ٿيندي) ﴿١٣٤﴾ ۽ (مديني

كُوْنُوْا هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى تَهْتَدُوْا ط قُلْ بَلْ مِلَّةَ اِبْرٰهٖمَ

جا يهودي ۽ نجران جا عيسائي، مؤمنن کي) چون ٿا تہ يهودي ٿيو، يا عيسائي ٿيو، توهان هدايت لهندا. (اي محمّد ﷺ!) فرماءِ تہ بلڪ
(اسين باطل کي ڇڏي حقّ کي اختيار ڪندي حضرت) ابراهيم (عليه السلام) جي ملت ڏانهن متوجّہ ٿيا آهيون ۽ ابراهيم مشرڪن

حَنِيْفًا ط وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٣٥﴾ قُوْلُوْٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ

مان نہ هو ﴿١٣٥﴾ (اي مؤمنو!) چئو تہ ايمان آندوسون الله تي ۽ جيڪي ڪجهہ نازل ڪيو ويو اسان ڏانهن ۽ جيڪي ڪجهہ نازل

وَ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَ مَآ اُنْزِلَ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ

ڪيو ويو ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جي پٽن (عليهم السلام) ڏانهن ۽ جيڪي ڪجهہ ڏنو ويو موسيٰ ۽

وَ اِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ وَ الْاَسْبَاطِ وَ مَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى وَ

عيسيٰ (عليهما السلام) کي ۽ جيڪي ڪجهہ ڏنو ويو نبين (سڀني عليهم السلام) کي سندن پالڻهار جي طرفان.

عِيْسٰى وَ مَآ اُوْتِيَ النَّبِيُّوْنَ مِنْ رَّبِّهِمْ ج لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ

اسين انهن مان ڪنهن هڪ بہ پيغمبر (عليه السلام) ۾ فرق نٿا ڪريون. (بلڪ سڀني تي ايمان آڻيون ٿا.)

اَحَدٍ مِّنْهُمْ صلے وَ نَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿١٣٦﴾ فَاِنْ اٰمَنُوْا بِمِثْلِ

۽ اسان (سڀ) الله تعاليٰ جا فرمانبردار آهيون ﴿١٣٦﴾ پوءِ جيڪڏهن (يهودي ۽ عيسائي) اهڙيءَ طرح ايمان آڻين، جيئن

مَآ اٰمَنْتُمْ بِهٖ فَقَدِ اهْتَدَوْا ج وَ اِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا هُمْ فِيْ

(اي مؤمنو!) توهان ان تي ايمان آندو آهي تہ تحقيق انهن سڌي واٽ لڌي ۽ جيڪڏهن منهن موڙين ٿا تہ پوءِ بيشڪ اهي ٿي

شِقَاقٍ ۚ فَسَيَكْفِيكَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۱۳۷﴾ ؕ

بدبختيءَ ۽ دشمنيءَ ۾ آهن. پوءِ سگهوئي الله توکي سندن مقابلي ۾ ڪافي ٿيندو ۽ اهوئي ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿۱۳۷﴾

صِبْغَةَ اللّٰهِ ۚ وَ مَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً ۫ وَّ نَحْنُ لَهٗ

الله جي رنگ (يعني دين اسلام) کي لازم پڪڙيو ۽ الله جي رنگ (يعني دين) کان وڌيڪ چڱو ڪنهن جو رنگ (يعني دين)

عٰبِدُوْنَ ﴿۱۳۸﴾ قُلْ اَتُحَآجُّوْنَنَا فِى اللّٰهِ وَهُوَ رَبُّنَا وَ رَبُّكُمْ ۚ وَلَنَآ

آهي؟ ۽ اسان سندس ئي عبادت ڪندڙ آهيون ﴿۱۳۸﴾ (اي محمد ﷺ! يهودين ۽ عيسائين کي) فرماءِ ته ڇا توهان الله جي

اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ۚ وَنَحْنُ لَهٗ مُخْلِصُوْنَ ﴿۱۳۹﴾ ۙ اَمْ تَقُوْلُوْنَ

باري ۾ اسان سان جهڳڙو ڪريو ٿا ۽ اهو (الله پاڪ) ئي اسان جو به ربّ آهي ۽ توهان جو به ربّ آهي ۽ اسان جي لاءِ اسان جا عَمَل ۽
توهان جي لاءِ توهان جا عَمَل آهن ۽ اسان سندس لاءِ مخلص (يعني توحيد کي مڃيندڙ) آهيون ﴿۱۳۹﴾ يا چئو ٿا ته بيشڪ ابراهيم

اِنَّ اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطَ كَانُوْا هُوْدًا

۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جا پٽ يهودي يا عيسائي هئا؟ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته ڇا توهان وڌيڪ ڄاڻو ٿا يا الله

اَوْ نَصٰرٰى ؕ قُلْ ءَاَنْتُمْ اَعْلَمُ اَمِ اللّٰهُ ؕ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ

(وڌيڪ ڄاڻي ٿو؟) ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جيڪو (حضرت محمد ﷺ جن جي سچائي جي باري ۾ توريت ۽

كَتَمَ شَهَادَةً عِنْدَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا

انجيل جي) شاهديءَ کي لڪائي، جيڪا وٽس الله جي طرفان آهي؟ ۽ جيڪي ڪجهه توهان ڪريو ٿا، الله ان کان غافل

تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۰﴾ تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتْ

نه آهي ﴿۱۴۰﴾ اها (جماعت) هڪڙي امت آهي، جيڪا گذري چڪي. سندن لاءِ اهو (بدلو) آهي جيڪو انهن ڪمايو ۽ توهان

وَ لَكُمْ مَّا كَسَبْتُمْ ۚ وَلَا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۱﴾ ع

لاءِ اهو (بدلو) آهي جيڪو توهان ڪمايو ۽ جيڪي ڪم اهي ڪندا هئا، انهن جي باري ۾ توهان کان پڇا نه ٿيندي ﴿۱۴۱﴾

سَيَقُوْلُ السُّفَهَآءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلّٰىهُمْ عَنْ قِبْلَتِهِمُ الَّتِىْ كَانُوْا

سگهوئي (مکي جي مشرڪن ۽ مديني جي يهودين مان) بيوقوف چوندا ته جنهن قبلي تي اهي (يعني محمد ﷺ ۽

عَلَيْهَا ؕ قُلْ لِّلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَ الْمَغْرِبُ ؕ يَهْدِىْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ

سندس ساٿي) هئا، تنهن کان کين ڪهڙي شيءِ ڦيرايو؟ (اي مُحَمَّدُ ﷺ!) فرماءِ ته اوڀر ۽ اولهه الله جا آهن، جنهن کي گهري تو،

مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٤٢﴾ وَ كَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى

سڌي واٽ ڏيکاري ٿو ﴿١٤٢﴾ ۽ اهڙيءَ طرح (اي امت محمديه ﷺ!) توهان کي وچولي (۽ ڀلاري) امت ڪيوسون، جيئن توهان

النَّاسِ وَيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا ؕ وَمَا جَعَلْنَا الْقِبْلَةَ الَّتِىْ كُنْتَ

ماڻهن تي شاهد ٿيو ۽ رسول ﷺ توهان تي شاهد ٿئي، (يعني توهان کي پاڪ ڪري) ۽ (اي مُحَمَّدُ ﷺ!) جنهن قبلي تي تون

عَلَيْهَآ اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يَّتَّبِعُ الرَّسُوْلَ مِمَّنْ يَّنْقَلِبُ عَلٰى عَقِبَيْهِ ؕ

هئين، تنهن کان (ڪعبت الله ڏانهن توکي) هن لاءِ ڦيرايوسون ته جيئن جدا ڪريون انهيءَ شخص کي جيڪو پيروي ڪري

وَاِنْ كَانَتْ لَكَبِيْرَةً اِلَّا عَلَى الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ ؕ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِيْعَ

تو، انهيءَ کان جيڪو ڪفر ۽ ارتداد ڏانهن موٽي ٿو ۽ بيشڪ اهو (يعني ڪعبت الله ڏانهن منهن ڪرڻ) البت مشڪل ڪم آهي،

اِيْمَانَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤٣﴾ قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ

مگر جن کي الله هدايت ڏني ۽ الله توهان جي ايمان (يعني پهرئين قبلي ڏانهن توهان جي نمازن) کي ضايع ڪندڙ نه آهي. بيشڪ الله
ماڻهن تي البت ڏاڍو مهربان ۽ رحم ڪندڙ آهي ﴿١٤٣﴾ بيشڪ اسان آسمان ڏانهن تنهنجي منهن ڦيرائڻ کي ڏسون ٿا، پوءِ ضرور

فِى السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰهَا ۖ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ

تنهنجي منهن کي ان قبلي ڏانهن ڦيرائينداسون، جنهن کي تون پسند ڪرين ٿو. پوءِ پنهنجي منهن کي مسجد حرام جي طرف

الْحَرَامِ ؕ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا

ڏانهن ڦيراءِ. پوءِ جتي به هجو پنهنجا منهن مسجد حرام ڏانهن ڦيرايو ۽ بيشڪ جن کي ڪتاب (يعني توريت ۽ انجيل) ڏنو ويو

الْكِتٰبَ لَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ط وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا

آهي، اهي ڄاڻن ٿا ته مسجد حرام سندن ربّ جي طرفان حقّ (۽ ابراهيم عليه السلام جو قبلو) آهي ۽ اهي جيڪي ڪم ڪن ٿا، تن کان

يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٤﴾ وَلَئِنْ اَتَيْتَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ بِكُلِّ اٰيَةٍ مَّا تَبِعُوْا

الله غافل نه آهي ﴿١٤٤﴾ ۽ جن ماڻهن کي ڪتاب (يعني توريت ۽ انجيل) ڏنو ويو آهي، جيڪڏهن ڪين هر قسم جي نشاني ڏيندين ته به

قِبْلَتَكَ ج وَمَآ اَنْتَ بِتَابِعٍ قِبْلَتَهُمْ ج وَمَا بَعْضُهُمْ بِتَابِعٍ قِبْلَةَ

اهي تنهنجي قبلي جي پيروي نه ڪندا ۽ نه ٿي (اي محمد ﷺ!) تون سندن قبلي جي پيروي ڪندڙ آهين ۽ نه يهودي ۽ عيسائي

بَعْضٍ ط وَلَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ لا

هڪ ٻئي جي قبلي جي پيروي ڪندڙ آهن ۽ جيڪڏهن پاڻ وٽ علم جي اچڻ کان پوءِ به سندن خواهشن جي پيروي ڪندين ته

وقف لازم اِنَّكَ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٥﴾ م اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا

بيشڪ ان وقت تون ظالمن مان ٿيندين ﴿١٤٥﴾ جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي، اهي ان کي ائين سڃاڻين ٿا، جيئن پنهنجن پٽن

يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ط وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنْهُمْ لَيَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٤٦﴾

کي سڃاڻين ٿا ۽ بيشڪ انهن مان هڪڙي ٽولي حقّ (يعني حضرت محمد ﷺ ۽ ڪعبت الله جي حقيقت) کي لڪائي ٿي ۽ اهي

اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١٤٧﴾ ع وَلِكُلٍّ وِّجْهَةٌ هُوَ

ڄاڻن ٿا ﴿١٤٦﴾ اهو تنهنجي ربّ جي طرفان حق آهي، پوءِ هرگز شڪ ڪندڙن مان نه ٿيءُ ﴿١٤٧﴾ ۽ هر مذهب وارن لاءِ هڪ قبلو آهي،

وقف النبي صلى الله عليه وسلم مُوَلِّيْهَا فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ط اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا يَاْتِ بِكُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا ط اِنَّ

جنهن ڏانهن اهي منهن ڪن ٿا، پوءِ نيڪين ۾ اڳرائي ڪريو. توهان جتي به هوندا، الله توهان سڀني کي (حساب لاءِ) آڻيندو.

اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٤٨﴾ وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ

بيشڪ الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ﴿١٤٨﴾ ۽ جتان به ٻاهر نڪرين، پنهنجي منهن کي مسجد حرام جي طرف ڏانهن ڦيراءِ

الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَ اِنَّهٗ لَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٩﴾

۽ بيشڪ اهوئي تنهنجي ربّ جي طرفان حقّ آهي ۽ جيڪي ڪجهه توهان ڪريو ٿا، تنهن کان الله غافل نه آهي ﴿١٤٩﴾

وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَ حَيْثُ مَا

۽ جتان به ٻاهر نڪرين، پنهنجي منهن کي مسجد حرام (يعني بيت الله شريف) جي طرف ڦيراءِ ۽ توهان جتي

كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ۙ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَيْكُمْ حُجَّةٌ ۖ

به هجو، پنهنجا منهن ان جي طرف ڦيرايو، جيئن توهان تي ماڻهن جي حجت (باقي) نه رهي،

اِلَّا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ ۖ فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِيْ ۖ وَلِاُتِمَّ نِعْمَتِيْ

مگر جن انهن مان (حق لڪائڻ جو) ظلم ڪيو. پوءِ انهن کان نه ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو ۽ جيئن توهان تي پنهنجي نعمت پوري

عَلَيْكُمْ وَ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥٠﴾ كَمَاۤ اَرْسَلْنَا فِيْكُمْ رَسُوْلًا مِّنْكُمْ يَتْلُوْا

ڪريان ۽ جيئن توهان هدايت حاصل ڪريو ﴿١٥٠﴾ جيئن توهان ۾، توهان (جي جنس) مان هڪڙي رسول (ﷺ) کي موڪليوسون.

عَلَيْكُمْ اٰيٰتِنَا وَ يُزَكِّيْكُمْ وَ يُعَلِّمُكُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ وَ يُعَلِّمُكُمْ مَّا لَمْ

توهان کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ توهان کي (نافرماني ۽ شرڪ کان) پاڪ ڪري ٿو ۽ توهان کي ڪتاب ۽ سنت

تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٥١﴾ ؕ فَاذْكُرُوْنِيْۤ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ ﴿١٥٢﴾ ع

سيکاري ٿو ۽ توهان کي (اسلامي احڪام) سيکاري ٿو، جيڪي توهان نه ڄاڻندا هئا ﴿١٥١﴾ پوءِ مون کي (اطاعت، نعمت ۽ خوشيءَ سان) ياد
ڪريو، ته آءٌ توهان کي (آزمائش ۽ سختيءَ ۾ ۽ ثواب سان) ياد ڪريان ۽ منهنجو شڪر ڪريو ۽ منهنجي نعمت جي ناشڪري نه ڪريو ﴿١٥٢﴾

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ الصَّلٰوةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ

اي ايمان وارو! (آخرت جي طلب ڪرڻ جي لاءِ) صبر ۽ نماز سان مدد وٺو. بيشڪ الله تعاليٰ صبر ڪندڙن سان

الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٥٣﴾ وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ ؕ بَلْ اَحْيَآءٌ

گڏ آهي ﴿١٥٣﴾ ۽ جيڪي ماڻهو الله جي واٽ ۾ قتل ڪيا وڃن ٿا، تن کي مئل نه چئو، بلڪ اهي جيئرا آهن

معانقة ٣ عند المتاخرين
ع ١٨ ٥

وَّلٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ ﴿١٥٤﴾ وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ بِشَيْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ وَالْجُوْعِ وَنَقْصٍ

۽ پر توهان نٿا ڄاڻو ﴿١٥٤﴾ ۽ ضرور توهان کي آزمائينداسون (دشمن جي) ڪجهه خوف ۽ بک (۽ ڏڪار) ۽

مِّنَ الْاَمْوَالِ وَالْاَنْفُسِ وَالثَّمَرٰتِ ؕ وَبَشِّرِ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٥٥﴾ الَّذِيْنَ اِذَآ

مالن ۽ جانين جي گھٽتائي (يا موت يا ڪراڙپ) ۽ (آفتن جي ذريعي) ميون (جي بربادي يا اولاد جي موت سان جيڪي

دراصل دل جو ميوو آهن.) ۽ صبر ڪرڻ وارن کي خوشخبري ڏي ﴿١٥٥﴾ (اهي صبر ڪرڻ وارا) جن کي جڏهن ڪا مصيبت

اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌ ۙ قَالُوْٓا اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿١٥٦﴾ ؕ

پهچندي آهي ته اهي چوندا آهن ته بيشڪ اسان الله جا آهيون ۽ بيشڪ اسين ان ڏانهن ئي موٽڻ وارا آهيون ﴿١٥٦﴾

اُولٰٓئِكَ عَلَيْهِمْ صَلَوٰتٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرَحْمَةٌ ۟ قف وَاُولٰٓئِكَ هُمُ

اهي ئي ماڻهو آهن، جن تي سندن پالڻهار جي طرفان مهربانيون ۽ رحمتون آهن ۽ اهي ئي ماڻهو هدايت وارا

الْمُهْتَدُوْنَ ﴿١٥٧﴾ اِنَّ الصَّفَا وَالْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنْ حَجَّ

آهن ﴿١٥٧﴾ بيشڪ صفا ۽ مروه (ٽڪريون) الله جي عبادت جي جاين ۽ نشانين مان آهن، پوءِ جيڪو بيت الله شريف جو حج

الْبَيْتَ اَوِ اعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِ اَنْ يَّطَّوَّفَ بِهِمَا ؕ وَمَنْ تَطَوَّعَ

ڪري يا عمرو ڪري ته ان تي گناهه نه آهي ته ٻنهي جو طواف ڪري. پوءِ جيڪو پنهنجي لاءِ ڀلائي ڪندو ته

خَيْرًا ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ شَاكِرٌ عَلِيْمٌ ﴿١٥٨﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَآ اَنْزَلْنَا مِنَ

بيشڪ الله قدر ڪندڙ (۽ قبول ڪندڙ) ڄاڻندڙ آهي ﴿١٥٨﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو اسان جي نازل ڪيل روشن آيتن ۽ هدايت

الْبَيِّنٰتِ وَالْهُدٰى مِنْۢ بَعْدِ مَا بَيَّنّٰهُ لِلنَّاسِ فِي الْكِتٰبِ ۙ اُولٰٓئِكَ

(جي ڳالهين) کي لڪائين ٿا، هن ڪان پوءِ جو اسان انهن کي ماڻهن لاءِ ڪتاب (توريت) ۾ روشن ڪيو، اهي ئي ماڻهو آهن،

يَلْعَنُهُمُ اللّٰهُ وَيَلْعَنُهُمُ اللّٰعِنُوْنَ ﴿١٥٩﴾ ۙ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا وَاَصْلَحُوْا

جن تي الله لعنت ڪري ٿو ۽ لعنت ڪندڙ مٿن لعنت ڪن ٿا ﴿١٥٩﴾ مگر جن (ڪفر يا حضرت محمد ﷺ جي صفتن ۽ فضيلتن

وَبَيَّنُوْا فَاُولٰٓئِكَ اَتُوْبُ عَلَيْهِمْ ۚ وَاَنَا التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٦٠﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ

كي لڪائڻ کان) توبه ڪئي ۽ بيان ڪيائون ته پوءِ آءٌ سندن توبه قبول ڪندس ۽ آءٌ توبه قبول ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهيان ﴿١٦٠﴾

كَفَرُوْا وَمَاتُوْا وَهُمْ كُفَّارٌ اُولٰٓئِكَ عَلَيْهِمْ لَعْنَةُ اللّٰهِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ

بيشڪ جيڪي ماڻهو ڪافر ٿيا ۽ ڪافر ٿي مئا، اهي ئي ماڻهو آهن، جن جي مٿان الله ۽ فرشتن ۽ سيني ماڻهن جي

وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٦١﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا

لعنت آهي ﴿١٦١﴾ سدائين انهيءَ (لعنت) ۾ هوندا، نه انهن تان عذاب ڪي هلڪو ڪيو ويندو ۽ نڪي انهن کي مهلت

هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿١٦٢﴾ وَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿١٦٣﴾ ع ١٩ ١١ ٣

ڏني ويندي ﴿١٦٢﴾ ۽ توهان جو معبود هڪ الله آهي، ان کان سواءِ ڪو معبود نه آهي. روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿١٦٣﴾

اِنَّ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَالْفُلْكِ

بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۽ رات ۽ ڏينهن جي اچ وڃ ۾ (۽ انهن جي گهٽ وڌ ٿيڻ ۾) ۽ سمنڊ ۾ ٻيڙين جي

الَّتِيْ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِمَا يَنْفَعُ النَّاسَ وَمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ

انهن شين سان هلڻ ۾، جيڪي ماڻهن کي فائدو ڏين ٿيون ۽ پاڻي، جيڪو الله آسمان تان لاٿو، پوءِ ان سان مئل زمين

السَّمَآءِ مِنْ مَّآءٍ فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَبَثَّ فِيْهَا مِنْ

کي زنده ڪيائين ۽ زمين ۾ هر قسم جا جانور پکيڙيائين ۽ هوائن جي مَٽا سٽا ۾ ۽ آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ (هڪ حال

كُلِّ دَآبَّةٍ ۖ وَّتَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ وَالسَّحَابِ الْمُسَخَّرِ بَيْنَ السَّمَآءِ

کان ٻئي حال ۾ ۽ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڏانهن) تابع ٿيل ڪڪرن ۾ البت نشانيون آهن، انهيءَ قوم لاءِ جيڪي عقل کان

وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿١٦٤﴾ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّتَّخِذُ مِنْ

ڪم وٺن ٿا (ته ضرور انهن شين جو هڪ پيدا ڪندڙ ۽ نباهيندڙ آهي) ﴿١٦٤﴾ ۽ ماڻهن مان ڪي الله کان سواءِ ٻين کي شريڪ

دُوْنِ اللّٰهِ اَنْدَادًا يُّحِبُّوْنَهُمْ كَحُبِّ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَشَدُّ حُبًّا

بڻائين ٿا. ڪين دوست رکن ٿا، جيئن الله کي دوست رکبو آهي ۽ جن ايمان آندو، اهي الله کي وڌيڪ دوست رکن ٿا ۽

لِّلّٰهِ ؕ وَلَوْ يَرَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اِذْ يَرَوْنَ الْعَذَابَ ۙ اَنَّ الْقُوَّةَ لِلّٰهِ

جيڪر ظالم پنهنجي عذاب پوڻ جي وقت کي ڏسن، تڏهن البت (ڄاڻندا) تہ سڀ قوت الله لاءِ آهي ۽ هي تہ

جَمِيْعًا ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعَذَابِ ﴿١٦٥﴾ اِذْ تَبَرَّاَ الَّذِيْنَ اتُّبِعُوْا مِنَ الَّذِيْنَ

الله سخت عذاب ڪندڙ آهي ﴿١٦٥﴾ جڏهن اڳواڻ پنهنجن پوئلڳن کان بيزار ٿيندا ۽ عذاب ڏسندا ۽ انهن ۾

اتَّبَعُوْا وَرَاَوُا الْعَذَابَ وَتَقَطَّعَتْ بِهِمُ الْاَسْبَابُ ﴿١٦٦﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ

(واسطي ۽ وسيلي جا سڀ لاڳاپا ۽ سمورا) سَبَبَ ڪٽجي ويندا ﴿١٦٦﴾ ۽ پيروي ڪرڻ وارا چوندا تہ جيڪر اسان کي

اتَّبَعُوْا لَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَتَبَرَّاَ مِنْهُمْ كَمَا تَبَرَّءُوْا مِنَّا ؕ كَذٰلِكَ

(دنيا ۾) وري موٽڻ نصيب ٿئي تہ انهن کان بيزار ٿيون، جيئن اسان کان بيزار ٿيا آهن. اهڙيءَ طرح الله کين

يُرِيْهِمُ اللّٰهُ اَعْمَالَهُمْ حَسَرٰتٍ عَلَيْهِمْ ؕ وَمَا هُمْ بِخٰرِجِيْنَ مِنَ النَّارِ ﴿١٦٧﴾ ع

سندن عمل حسرت (۽ پشيماني جو ڪارڻ) ڪري ڏيکاريندو ۽ اهي دوزخ جي باهہ مان نڪرڻ وارا نہ آهن ﴿١٦٧﴾

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا مِمَّا فِى الْاَرْضِ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّلَا تَتَّبِعُوْا

اي انسانو! زمين ۾ جيڪي حلال ۽ پاڪ شيون آهن، انهن مان کائو ۽ شيطان جي واٽن تي نہ هلو،

خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٦٨﴾ اِنَّمَا يَاْمُرُكُمْ بِالسُّوْٓءِ وَ

بيشڪ اهو توهان جو پڌرو دشمن آهي ﴿١٦٨﴾ بيشڪ (شيطان) توهان کي رڳو برائي ۽ بيحيائيءَ جو حڪم ڪري ٿو

الْفَحْشَآءِ وَاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٦٩﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ

۽ هيءُ تہ الله جي باري ۾ اهي ڳالهيون چئو، جيڪي نٿا ڄاڻو ﴿١٦٩﴾ ۽ جڏهن کين چيو وڃي ٿو تہ جيڪو (ڪتاب)

اتَّبِعُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَآ اَلْفَيْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ

الله لاٿو آهي، تنهن جي پيروي ڪريو. چون ٿا ته بلڪ اسان انهيءَ جي پيروي ڪنداسون، جنهن تي پنهنجن ابن ڏاڏن

اَوَلَوْ كَانَ اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ شَيْـًٔا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ﴿۱۷۰﴾ وَمَثَلُ

کي لڌوسون. ڇا جيتوڻيڪ سندن ابا ڏاڏا عقل نه رکن ۽ هدايت تي نه هجن (تڏهن به سندن پيروي ڪندا؟) ﴿۱۷۰﴾ ۽ مثال

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا كَمَثَلِ الَّذِيْ يَنْعِقُ بِمَا لَا يَسْمَعُ اِلَّا دُعَآءً وَّ

انهن جو جيڪي ڪافر ٿيا، انهيءَ شخص جي مثال وانگر آهي، جيڪو سڏي ٿو، انهن کي جيڪي سواءِ (وڏي) سڏ ۽ آواز

نِدَآءً ؕ صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿۱۷۱﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

جي ڪجهه نٿا ٻڌن. اهي ٻوڙا، گونگا، انڌا آهن. پوءِ عقل کان ڪم نٿا وٺن ﴿۱۷۱﴾ اي ايمان وارو! پاڪ شين مان جيڪا روزي

كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ وَاشْكُرُوْا لِلّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿۱۷۲﴾

اسان توهان کي ڏني آهي، انهيءَ مان کائو ۽ الله جو شڪر ادا ڪريو، جيڪڏهن خاص سندس ئي بندگي ڪريو ٿا ﴿۱۷۲﴾

اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَالدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ بِهٖ

بيشڪ (الله تعاليٰ) توهان تي مئل جانور ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ اها شيءِ حرام ڪئي آهي، جنهن تي غير الله جو

لِغَيْرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

نالو ورتو وڃي. پوءِ جيڪو ظلم ۽ حد لنگهڻ کان سواءِ مجبور ۽ لاچار ڪيو وڃي ته انهيءَ تي گناهه نه آهي ۽ بيشڪ الله

غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۷۳﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ الْكِتٰبِ وَيَشْتَرُوْنَ

بخشڻهار رحم ڪندڙ آهي ﴿۱۷۳﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي لاٿل ڪتاب کي لڪائين ٿا ۽ ان جي ذريعي ٿورو

بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۙ اُولٰٓئِكَ مَا يَاْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ اِلَّا النَّارَ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ

ملهه خريد ڪن ٿا (يعني دنياوي سامان وٺن ٿا)، اهي پنهنجن پيٽن ۾ رڳو باهه کائين ٿا ۽ الله قيامت جي ڏينهن نه ساڻن

اللّٰهُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيْهِمْ ۖ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٧٤﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا

ڳالهائيندو ۽ نه کين پاڪ ڪندو ۽ سندن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿١٧٤﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن هدايت جي بدلي ۾

الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى وَالْعَذَابَ بِالْمَغْفِرَةِ ۚ فَمَآ اَصْبَرَهُمْ عَلَى النَّارِ ﴿١٧٥﴾ ذٰلِكَ

گمراهي ۽ بخشش جي بدلي ۾ عذاب خريد ڪيو، پوءِ ڪهڙي شيءِ کين دوزخ جي عذاب تي صبر ڪرائيندي؟ ﴿١٧٥﴾ سندن

بِاَنَّ اللّٰهَ نَزَّلَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ ۗ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِى الْكِتٰبِ لَفِىْ

لاءِ اهو عذاب هن ڪري آهي ته الله ڪتاب کي حقّ (۽ دليل) سان لاٿو ۽ بيشڪ جن ماڻهن ڪتاب ۾ اختلاف ڪيو، اهي يقيناً

شِقَاقٍۢ بَعِيْدٍ ﴿١٧٦﴾ ع لَيْسَ الْبِرَّ اَنْ تُوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ قِبَلَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ ع ٢١ ٩ ٥

(حقّ کان) ڏور اهين بدبختيءَ ۾ آهن ﴿١٧٦﴾ نيڪي هيءَ نه آهي ته (نماز ۾) پنهنجا منهن اوڀر يا اولهه جي طرف ڦيرايو (۽

وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ وَالْكِتٰبِ وَالنَّبِيّٖنَ ۚ

ٻيو ڪو عمل نه ڪريو) ۽ پر نيڪيءَ (جو مرتبو) ان شخص لاءِ آهي، جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن ۽ فرشتن ۽ ڪتابن ۽

وَاٰتَى الْمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِى الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَابْنَ

نبين تي ايمان آڻي ۽ مال سان محبت جي باوجود ويجهن مٽن مائٽن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن ۽ سوالين ۽ ٻانهن کي

السَّبِيْلِ ۙ وَالسَّآئِلِيْنَ وَفِى الرِّقَابِ ۚ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى

آزاد ڪرائڻ لاءِ مال خرچ ڪري ۽ نماز قائم ڪري ۽ زڪوٰة ڏئي ۽ جڏهن (اهڙا مانَ ۽ مرتبي وارا ماڻهو) عهد ڪندا

الزَّكٰوةَ ۚ وَالْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ اِذَا عٰهَدُوْا ۚ وَالصّٰبِرِيْنَ فِى

آهن ته پنهنجي عهد کي پورو ڪرڻ وارا هوندا آهن ۽ (اهي) مسڪينيءَ، ڏک ۽ جنگ جي حالت ۾ صبر ڪرڻ

الْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ وَحِيْنَ الْبَاْسِ ۗ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا ۗ وَاُولٰٓئِكَ

وارا هوندا آهن، اهي ئي ماڻهو آهن، (جيڪي پنهنجي ايمان جي دعويٰ ۾) سچا آهن ۽ اهي ئي ماڻهو

هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿۱۷۷﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِصَاصُ

پرهيزگار آهن ﴿۱۷۷﴾ اي ايمان وارو! توهان تي قتل ٿيلن جو بدلو وٺڻ لکيو ويو آهي. آزاد جي بدلي ۾ (قتل

فِي الْقَتْلٰى ؕ اَلْحُرُّ بِالْحُرِّ وَالْعَبْدُ بِالْعَبْدِ وَالْاُنْثٰى بِالْاُنْثٰى ؕ

ڪجي) ۽ ٻانهي ڪي ٻانهي جي بدلي ۾ ۽ عورت ڪي عورت جي بدلي ۾. پوءِ جنهن ڪي سندس ڀاءُ جي طرفان

فَمَنْ عُفِيَ لَهٗ مِنْ اَخِيْهِ شَيْءٌ فَاتِّبَاعٌ ۢ بِالْمَعْرُوْفِ وَاَدَآءٌ اِلَيْهِ

(خون بها مان) ڪا شيءِ بخشي وڃي ته سهڻي نموني سان پيروي ڪرڻ ۽ (قاتل تي ان جي سهڻي نموني ۾) احسان

بِاِحْسَانٍ ؕ ذٰلِكَ تَخْفِيْفٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَرَحْمَةٌ ؕ فَمَنِ اعْتَدٰى

سان ان ڏانهن ادائيگي ڪرڻي آهي. اها توهان جي پالڻهار جي طرفان هلڪائي ۽ رحمت آهي. پوءِ ان کان بعد

بَعْدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۷۸﴾ وَلَكُمْ فِي الْقِصَاصِ حَيٰوةٌ

جيڪو حد کان لنگهندو، تنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿۱۷۸﴾ ۽ اي عقلمندو! توهان لاءِ قصاص (جي مقرري) ۾ زندگي

يّٰاُولِي الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۷۹﴾ كُتِبَ عَلَيْكُمْ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ

آهي، مَنَ توهان (ناحقّ خون وهائڻ) کان بچو ﴿۱۷۹﴾ جڏهن توهان مان ڪنهن تي موت اچي (يعني ان جا سبب ظاهر

الْمَوْتُ اِنْ تَرَكَ خَيْرَا ۚۖ الْوَصِيَّةُ لِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ

ٿين)، ته توهان تي فرض ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن (فوتي) مال ڇڏي ته ماءُ پيءُ ۽ ويجهن مِٽن مائٽن لاءِ سهڻي نموني

حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۸۰﴾ فَمَنْ بَدَّلَهٗ بَعْدَ مَا سَمِعَهٗ فَاِنَّمَآ اِثْمُهٗ عَلَى

سان وصيت ڪري. پرهيزگارن تي اهو فرض آهي ﴿۱۸۰﴾ پوءِ جيڪو اها وصيت ٻڌڻ جي باوجود ان کي بدلائي ته بيشڪ ان

الَّذِيْنَ يُبَدِّلُوْنَهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۸۱﴾ فَمَنْ خَافَ مِنْ مُّوْصٍ

جو گناه انهن ماڻهن تي آهي، جيڪي ان کي بدلائين ٿا، بيشڪ الله ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿۱۸۱﴾ پوءِ جيڪو ڪنهن وصيت

جَنَفًا اَوْ اِثْمًا فَاَصْلَحَ بَيْنَهُمْ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ط اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ

واري کان ظلم يا گناه جو خوف محسوس ڪري، پوءِ پاڻ ۾ صلح ڪن تہ ان تي ڪو گناه نہ آهي، بيشڪ الله بخشڻهار

رَّحِيْمٌ ﴿۱۸۲﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى

رحم ڪندڙ آهي ﴿۱۸۲﴾ اي ايمان وارو! توهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن، جيئن انهن تي فرض ڪيا ويا هئا، جيڪي

الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۳﴾ لا اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ط فَمَنْ كَانَ

توهان کان اڳ هئا، مَنَ توهان پرهيزگار ٿيو ﴿۱۸۳﴾ (روزا) ڪجهہ ڳڻيل ڏينهن آهن، پوءِ جيڪو توهان مان بيمار يا مسافر

مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ط وَعَلَى الَّذِيْنَ

هجي (۽ روزو نہ رکي) تہ ان کي ٻين ڏينهن روزا رکڻا آهن ۽ جيڪي ماڻهو روزي رکڻ جي طاقت نٿا رکن، انهن تي

يُطِيْقُوْنَهٗ فِدْيَةٌ طَعَامُ مِسْكِيْنٍ ط فَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا فَهُوَ خَيْرٌ

(هر ڏينهن) جي بدلي ۾ هڪڙي مسڪين کي کاڌو کارائڻ آهي. پوءِ جيڪو شخص خوشيءَ سان ڀلائي ڪندو تہ سندس

لَّهٗ ط وَاَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۴﴾ شَهْرُ رَمَضَانَ

لاءِ چڱو آهي ۽ جيڪڏهن روزا رکو تہ توهان لاءِ چڱو آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا ﴿۱۸۴﴾ (توهان تي رمضان جا روزا فرض

الَّذِيْٓ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَبَيِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى

ڪيا ويا آهن. هيءُ) اهو مهينو آهي، جنهن ۾ قرآن لاٿو ويو آهي. اهو ماڻهن لاءِ هدايت ۽ روشن نشانيون ۽ حق ۽ باطل ۾

وَالْفُرْقَانِ ج فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُ ط وَمَنْ كَانَ

فرق ڪندڙ ڪتاب آهي. پوءِ توهان مان جيڪو (رمضان جو) مهينو لهي، (يعني مسافر نہ هجي) ان کي گهرجي تہ ان جا

مَرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ط يُرِيْدُ اللّٰهُ بِكُمُ

روزا رکي ۽ جيڪو بيمار يا مسافر هجي، اهو ٻيا ڏينهن ڳڻي روزا رکي. الله توهان سان آساني ڪرڻ گهري ٿو ۽ توهان

الْيُسْرَ وَلَا يُرِيْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ٘ وَلِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ وَلِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى

سان تنگي ڪرڻ نٿو گهري ۽ جيئن توهان (رهيل روزن جي) تعداد پوري ڪريو ۽ جيئن الله جي وڏائي بيان ڪريو، جو

مَا هَدٰىكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٨٥﴾ وَاِذَا سَاَلَكَ عِبَادِيْ عَنِّيْ

توهان کي هدايت ڏنائين ۽ مَنَ توهان شڪر ڪريو ﴿١٨٥﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!) جڏهن توکان منهنجا (پيارا) ٻانها منهنجي باري ۾

فَاِنِّيْ قَرِيْبٌ ؕ اُجِيْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لِيْ

پڇن ته پوءِ بيشڪ آءٌ ويجهو آهيان، دعا گهرندڙ جي دعا قبول ڪريان ٿو، جڏهن به مون کي پڪاري ٿو. پوءِ ڪين گهرجي ته

وَلْيُؤْمِنُوْا بِيْ لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُوْنَ ﴿١٨٦﴾ اُحِلَّ لَكُمْ لَيْلَةَ الصِّيَامِ

منهنجي تابعداري ڪن ۽ مون تي ايمان آڻين، مَنَ اهي سڌي واٽ لهن ﴿١٨٦﴾ توهان لاءِ روزن جي راتين ۾ پنهنجين زالن

الرَّفَثُ اِلٰى نِسَآئِكُمْ ؕ هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَاَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ ؕ عَلِمَ

سان صحبت ڪرڻ کي حلال ڪيو ويو آهي. اهي توهان جو لباس آهن ۽ توهان سندن لباس آهيو. الله ڄاڻي ٿو ته توهان

اللّٰهُ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَكُمْ فَتَابَ عَلَيْكُمْ وَعَفَا عَنْكُمْ ۚ

پنهنجن نفسن سان خيانت ڪندا هئا، پوءِ توهان جي توبه قبول ڪيائين ۽ توهان کي معاف ڪيائين. هاڻي

فَالْـٰٔنَ بَاشِرُوْهُنَّ وَابْتَغُوْا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ ۪ وَكُلُوْا وَاشْرَبُوْا

ساڻن صحبت ڪريو ۽ الله تعاليٰ توهان لاءِ جيڪي ڪجهه لکيو آهي، تنهن کي تلاش ڪريو ۽ کائو ۽ پيئو تانجو

حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ۪

توهان تي رات جي اونده مان صبح صادق يعني فجر جي اڇاڻ روشن ٿئي. پوءِ رات تائين روزو پورو ڪريو ۽

ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ اِلَى الَّيْلِ ۚ وَلَا تُبَاشِرُوْهُنَّ وَاَنْتُمْ عٰكِفُوْنَ ۙ

جڏهن توهان مسجد ۾ اعتڪاف ۾ هجو ته ساڻن صحبت نه ڪريو. اهي الله جي حدن جي احڪامن جون آيتون

فِی الْمَسٰجِدِ ط تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَقْرَبُوْهَا ط كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ

آهن، پوءِ انهن (عورتن) جي ويجهو نہ وڃو. اهڙي طرح الله پنهنجيون آيتون ماڻهن لاءِ روشن

اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿١٨٧﴾ وَلَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ

ڪري ٿو تہ مَنَ اهي (انهن کان) بچن ﴿١٨٧﴾ ۽ هڪ ٻئي جا مالَ باطل طريقي سان نہ کائو ۽ حاڪمن کي اهي (مالَ)

وَتُدْلُوْا بِهَآ اِلَى الْحُكَّامِ لِتَاْكُلُوْا فَرِيْقًا مِّنْ اَمْوَالِ النَّاسِ بِالْاِثْمِ

رشوت ۾ پيش نہ ڪريو تہ جيئن انهيءَ طريقي سان ماڻهن جي مالن جو هڪ حصو گناه سان کائو ۽ توهان ڄاڻو ٿا

٢٣ ع ٧ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٨﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَهِلَّةِ ط قُلْ هِیَ مَوَاقِيْتُ لِلنَّاسِ

(تہ توهان باطل تي آهيو) ﴿١٨٨﴾ توکان نون چنڊن جو (حال) پڇن ٿا (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ تہ اهي ماڻهن ۽ حج لاءِ مقرر

وَالْحَجِّ ط وَلَيْسَ الْبِرُّ بِاَنْ تَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ ظُهُوْرِهَا وَلٰكِنَّ الْبِرَّ

ڪيل وقتَ آهن ۽ نيڪي هيءَ نہ آهي تہ گهرن ۾ انهن جي پويان اچو ۽ پر نيڪي انهيءَ شخص لاءِ آهي،

مَنِ اتَّقٰى ج وَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ اَبْوَابِهَا ص وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٨٩﴾

جيڪو پرهيزگاري ڪري ٿو ۽ گهرن ۾ انهن جي دروازن کان اچو ۽ الله کان ڊڄو، مَنَ توهان ڪامياب ٿيو ﴿١٨٩﴾

وَقَاتِلُوْا فِیْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ وَلَا تَعْتَدُوْا ط اِنَّ اللّٰهَ

۽ الله جي واٽ ۾ انهن ماڻهن سان وڙهو جيڪي توهان سان وڙهن ٿا ۽ حد کان نہ لنگهو. بيشڪ الله تعاليٰ حد کان

لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿١٩٠﴾ وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ وَاَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ

لنگهندڙن کي دوست نہ ٿو رکي ﴿١٩٠﴾ ۽ جتي بہ کين لهو، کين قتل ڪريو ۽ کين اتان ٻاهر ڪڍو، جتان انهن توهان

حَيْثُ اَخْرَجُوْكُمْ وَالْفِتْنَةُ اَشَدُّ مِنَ الْقَتْلِ ج وَلَا تُقٰتِلُوْهُمْ عِنْدَ

کي ٻاهر ڪڍيو آهي ۽ فتنو (يعني شرڪ ۽ ڪفر) قتل کان وڌيڪ سخت آهي ۽ ساڻن مسجد حرام وٽ نہ وڙهو،

الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ حَتّٰى يُقٰتِلُوْكُمْ فِيْهِ ۚ فَاِنْ قٰتَلُوْكُمْ فَاقْتُلُوْهُمْ ؕ كَذٰلِكَ

تانجو پاڻ ان ۾ توهان سان وڙهن. پوءِ جيڪڏهن توهان سان وڙهن ته پوءِ انهن کي قتل ڪريو. اهوئي ڪافرن جو

جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩١﴾ فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٩٢﴾ وَ قٰتِلُوْهُمْ

بدلو آهي ﴿١٩١﴾ پوءِ جيڪڏهن (شرڪ ۽ قتل کان) باز اچن ته بيشڪ الله بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ﴿١٩٢﴾ ۽ ساڻن جنگ

حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّ يَكُوْنَ الدِّيْنُ لِلّٰهِ ؕ فَاِنِ انْتَهَوْا فَلَا عُدْوَانَ

ڪريو، تانجو فتنو (يعني ڪفر ۽ شرڪ باقي) نه رهي ۽ دين الله لاءِ (خالص) ٿئي. پوءِ جيڪڏهن باز اچن ته پوءِ ظالمن کان

اِلَّا عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩٣﴾ اَلشَّهْرُ الْحَرَامُ بِالشَّهْرِ الْحَرَامِ وَ الْحُرُمٰتُ قِصَاصٌ ؕ

سواءِ ڪنهن کي قتل ڪرڻو نه آهي ﴿١٩٣﴾ (جنگ ۾) حرمت وارا مهينا حرمت وارن مهينن جي بدلي ۾ آهن ۽ عبادت جي

فَمَنِ اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ فَاعْتَدُوْا عَلَيْهِ بِمِثْلِ مَا اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ ۪

جاين جو به بدلو آهي. پوءِ جيڪو توهان تي تعدّي ڪري، ته توهان به مٿس ايتري تعدّي ڪريو، جيتري ان توهان تي

وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٩٤﴾ وَ اَنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ

تعدّي ڪئي آهي ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته بيشڪ الله پرهيزگارن سان گڏ آهي ﴿١٩٤﴾ ۽ الله جي واٽ ۾ مال خرچ

اللّٰهِ وَ لَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ ۛۚ وَ اَحْسِنُوْا ۛۚ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ مع عند المتقدمين

ڪريو ۽ پاڻ کي پنهنجن هٿن سان هلاڪت ۾ نه وجهو ۽ نيڪي ڪريو. بيشڪ الله نيڪي ڪندڙن کي پسند ڪري

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٩٥﴾ وَ اَتِمُّوا الْحَجَّ وَ الْعُمْرَةَ لِلّٰهِ ؕ فَاِنْ اُحْصِرْتُمْ فَمَا

ٿو ﴿١٩٥﴾ ۽ الله لاءِ حج ۽ عمرو پورو ڪريو. پوءِ جيڪڏهن توهان (ان کي پوري ڪرڻ کان) روڪيا وڃو ته (توهان کي) جيڪا به

اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ وَ لَا تَحْلِقُوْا رُءُوْسَكُمْ حَتّٰى يَبْلُغَ الْهَدْيُ

قرباني ملي، اها ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجا مٿا نه ڪوڙايو، تانجو قرباني پنهنجيءَ جاءِ تي پهچي. پوءِ جيڪو توهان مان

مَحِلَّهٗ ۭ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ بِهٖٓ اَذًى مِّنْ رَّاْسِهٖ فَفِدْيَةٌ مِّنْ

بيمار هجي يا سندس مٿي ۾ سور هجي (۽ مٿو ڪوڙائي ته) مٿس روزي يا صدقي يا قربانيءَ جو بدلو آهي. پوءِ

صِيَامٍ اَوْ صَدَقَةٍ اَوْ نُسُكٍ ۚ فَاِذَآ اَمِنْتُمْ ۣ وقفة فَمَنْ تَمَتَّعَ بِالْعُمْرَةِ

جڏهن توهان امن وارا ٿيو ته پوءِ جيڪو حج ۾ عمري ڪي ملائي فائدو حاصل ڪري ته مٿس قرباني آهي، جيڪا

اِلَى الْحَجِّ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ

وٽس هجي. پوءِ جيڪو قربانيءَ جو جانور نه لهي ته ان تي ٽي روزا حج جي ڏينهن ۾ ۽ ست روزا ان وقت آهن،

اَيَّامٍ فِي الْحَجِّ وَسَبْعَةٍ اِذَا رَجَعْتُمْ ۭ تِلْكَ عَشَرَةٌ كَامِلَةٌ ۭ ذٰلِكَ

جڏهن حج ڪان موٽي اچو. اهي پورا ڏهه روزا آهن. اها (قرباني يا اهي روزا) انهيءَ شخص لاءِ آهن،

لِمَنْ لَّمْ يَكُنْ اَهْلُهٗ حَاضِرِي الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ

جنهن جا گهر وارا بيت الله شريف ۾ موجود نه هجن، (يعني اهي مڪي وارن مان نه هجن) ۽ الله ڪان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته

ع ٢٤ ٨ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿١٩٦﴾ اَلْحَجُّ اَشْهُرٌ مَّعْلُوْمٰتٌ ۚ فَمَنْ

بيشڪ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي ﴿١٩٦﴾ حج ڄاتايل ڪجهه مهينا آهي. پوءِ جيڪو انهن مهينن ۾ پاڻ تي حج ڪي

فَرَضَ فِيْهِنَّ الْحَجَّ فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوْقَ ۙ وَلَا جِدَالَ فِي الْحَجِّ ۭ وَ

فرض ڪري ته پوءِ حج ۾ گارگند ڏيڻ ۽ صحبت ڪرڻ ۽ گناه ڪرڻ ۽ جهيڙو جهڳڙو ڪرڻ (جائز) نه آهي ۽ توهان جيڪا

مَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ يَّعْلَمْهُ اللّٰهُ ۭ وَتَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى ۡ

نيڪي ڪريو ٿا، تنهن ڪي الله ڄاڻندڙ آهي ۽ سفر جو سامان ساڻ کڻو، بيشڪ سفر جو سڀ کان چڱو سامان پرهيزگاري

وَاتَّقُوْنِ يٰٓاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿١٩٧﴾ لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ

آهي ۽ اي عقلمندو! مون ڪان ڊڄو ﴿١٩٧﴾ توهان تي گناه نه آهي ته حج جي ڏينهن ۾ پنهنجي پالڻهار جو فضل

رَبِّكُمْ ؕ فَاِذَآ اَفَضْتُمْ مِّنْ عَرَفٰتٍ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ عِنْدَ الْمَشْعَرِ

(يعني واپار جي ذريعي روزي) تلاش ڪريو. پوءِ جڏهن عرفات کان موٽو ته مزدلفه وٽ الله تعاليٰ کي ياد

الْحَرَامِ ۪ وَاذْكُرُوْهُ كَمَا هَدٰىكُمْ ۚ وَاِنْ كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ

ڪريو ۽ کيس ياد ڪريو، جيئن انهيءَ توهان کي هدايت عطا ڪئي ۽ جيتوڻيڪ انهيءَ (هدايت) کان اڳ ۾ توهان

الضَّآلِّيْنَ ﴿۱۹۸﴾ ثُمَّ اَفِيْضُوْا مِنْ حَيْثُ اَفَاضَ النَّاسُ وَاسْتَغْفِرُوا

گمراهن مان هئا ﴿۱۹۸﴾ پوءِ اتان موٽو، جتان ماڻهو موٽندا آهن ۽ الله کان بخشش گهرو. بيشڪ الله مغفرت ڪندڙ،

اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۹۹﴾ فَاِذَا قَضَيْتُمْ مَّنَاسِكَكُمْ فَاذْكُرُوا

رحم ڪندڙ آهي ﴿۱۹۹﴾ پوءِ جڏهن حج جي پنهنجي عبادت کان فارغ ٿيو ته پوءِ الله کي ياد ڪريو،

اللّٰهَ كَذِكْرِكُمْ اٰبَآءَكُمْ اَوْ اَشَدَّ ذِكْرًا ؕ فَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ

جيئن پنهنجن ابن ڏاڏن کي ياد ڪندا آهيو، يا (ان کي) ان کان به وڌيڪ ياد ڪريو. پوءِ ماڻهن مان ڪو آهي، جيڪو

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا وَمَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ﴿۲۰۰﴾

چوندو آهي ته ربّ اسان جا! اسان کي دنيا ۾ (سڀ ڪجهه) ڏئي ڇڏ ۽ سندس لاءِ آخرت ۾ ڪو ڀاڱو نه آهي ﴿۲۰۰﴾

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ

۽ ماڻهن مان ڪو چوندو آهي ته ربّ اسان جا! اسان کي دنيا ۾ به ڀلائي ڏي ۽ آخرت ۾ به ڀلائي (ڏي)

حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّمَّا النصف

۽ اسان کي باهه جي عذاب کان بچاءِ ﴿۲۰۱﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن لاءِ سندن ڪمائي مان ثواب جو هڪڙو حصو

كَسَبُوْا ؕ وَاللّٰهُ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۲۰۲﴾ وَاذْكُرُوا اللّٰهَ فِيْٓ اَيَّامٍ

آهي ۽ الله تعاليٰ جلد حساب وٺڻ وارو آهي ﴿۲۰۲﴾ ۽ الله کي ڳڻيل ڏينهن (يعني تشريق جي ڏينهن) ۾ ياد ڪريو

مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ تَعَجَّلَ فِیْ یَوْمَیْنِ فَلَاۤ اِثْمَ عَلَیْهِ ۚ وَ مَنْ

پوءِ جيڪو شخص ٻهرين ٻن ڏينهن ۾ (منيٰ کان) جلدي موٽي ته مٿس گناهه نه آهي ۽ جيڪو دير سان (يعني تشريق جي ٽئين

تَاَخَّرَ فَلَاۤ اِثْمَ عَلَیْهِ ۙ لِمَنِ اتَّقٰی ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّكُمْ

ڏينهن) موٽي ته مٿس به گناهه نه آهي، ان شخص لاءِ جيڪو پرهيزگاري ڪري ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته توهان کي ان ڏانهن گڏ

اِلَیْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٠٣﴾ وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ یُّعْجِبُكَ قَوْلُهٗ فِی الْحَیٰوةِ

ڪيو ويندو ﴿٢٠٣﴾ ۽ ماڻهن مان ڪو آهي (يعني اخنس منافق)، جنهن جي ڳالهه توکي دنيا جي زندگيءَ ۾ تعجب ۾ وجهي

الدُّنْیَا وَ یُشْهِدُ اللّٰهَ عَلٰی مَا فِیْ قَلْبِهٖ ۙ وَ هُوَ اَلَدُّ الْخِصَامِ ﴿٢٠٤﴾

ٿي ۽ جيڪي ڪجهه سندس دل ۾ آهي، ان (جي برخلاف ڳالهه) تي الله جا قسم کڻندو آهي ۽ اهو سخت جهيڙاڪ آهي ﴿٢٠٤﴾

وَ اِذَا تَوَلّٰی سَعٰی فِی الْاَرْضِ لِیُفْسِدَ فِیْهَا وَ یُهْلِكَ الْحَرْثَ وَ النَّسْلَ ؕ

۽ جڏهن موٽندو آهي، ته زمين ۾ فساد ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ پوک ۽ نسل کي هلاڪ ڪندو آهي ۽ الله فساد کي

وَ اللّٰهُ لَا یُحِبُّ الْفَسَادَ ﴿٢٠٥﴾ وَ اِذَا قِیْلَ لَهُ اتَّقِ اللّٰهَ اَخَذَتْهُ الْعِزَّةُ

پسند نه ڪندو آهي ﴿٢٠٥﴾ ۽ جڏهن ڪيس چئجي ٿو ته الله کان ڊڄ ته ڪيس (جاهليت جي) حميّت (۽ وڏائي) گناهه تي اڀاريندي

بِالْاِثْمِ فَحَسْبُهٗ جَهَنَّمُ ؕ وَ لَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿٢٠٦﴾ وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ

آهي. پوءِ سندس لاءِ دوزخ ڪافي آهي ۽ البت دوزخ رهڻ جي بڇڙي جاءِ آهي ﴿٢٠٦﴾ ۽ ماڻهن مان ڪو (يعني حضرت صهيب رومي

یَّشْرِیْ نَفْسَهُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٢٠٧﴾

رضي الله عنه جهڙو دلير به) آهي، جيڪو الله جي رضامندي طلب ڪندي، پنهنجي نفس کي وڪڻي ٿو ۽ الله ٻانهن تي مهربان آهي ﴿٢٠٧﴾

یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِی السِّلْمِ كَآفَّةً ۪ وَّ لَا تَتَّبِعُوْا

اي ايمان وارو! اسلام ۾ پوري جا پورا داخل ٿيو، (يعني سڀني اسلامي احڪامن تي عمل ڪريو) ۽ شيطان جي

خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٠٨﴾ فَاِنْ زَلَلْتُمْ مِّنْۢ

رستن تي نہ هلو. بيشڪ اهو (شيطان) توهان جو پڌرو دشمن آهي ﴿٢٠٨﴾ پوءِ جيڪڏهن توهان پاڻ وٽ روشن نشانين

بَعْدِ مَا جَآءَتْكُمُ الْبَيِّنٰتُ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٠٩﴾

جي اچڻ کان بعد بہ (حقّ جي واٽ کان) ٿڙندا (۽ دين اسلام کان هٽي ويندا)، تہ پوءِ ڄاڻو تہ الله غالب، حڪمت وارو آهي ﴿٢٠٩﴾

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيَهُمُ اللّٰهُ فِيْ ظُلَلٍ مِّنَ الْغَمَامِ وَ

(ڪافر) رڳو هن ڳالهہ جو انتظار ڪري رهيا آهن تہ الله (جو عذاب) انهن تي ڪڪرن جي پاڇي ۾ اچي ۽ (عذاب ڪندڙ)

الْمَلٰٓئِكَةُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٢١٠﴾ ع سَلْ بَنِيْٓ ٢٥

فرشتا بہ (اچن) ۽ معاملي جو فيصلو ڪيو وڃي ۽ سڀ ڪم الله ڏانهن موٽايا وڃن ٿا ﴿٢١٠﴾ بني اسرائيل کان پڇي ڏس تہ

اِسْرَآءِيْلَ كَمْ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ اٰيَةٍۭ بَيِّنَةٍ ؕ وَمَنْ يُّبَدِّلْ نِعْمَةَ اللّٰهِ

اسان ڪين ڪيتريون روشن نشانيون ڏنيون؟ ۽ جيڪو شخص الله جي نعمت (يعني حضرت محمد ﷺ جن جي شان جي

مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢١١﴾ زُيِّنَ

باري ۾ علم) کي، پاڻ وٽ اچڻ کان پوءِ بہ بدلائيندو تہ پوءِ بيشڪ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي ﴿٢١١﴾ جيڪي ماڻهو ڪافر ٿيا (يعني

لِلَّذِيْنَ كَفَرُوا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَيَسْخَرُوْنَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۘ وقف لازم

يهودين جا سردار)، تن لاءِ دنياوي زندگيءَ کي سينگاريو ويو آهي ۽ اهي مؤمنن (يعني فقير مهاجرن) سان ٺٺوليون ڪن ٿا

وَالَّذِيْنَ اتَّقَوْا فَوْقَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ

۽ جن ماڻهن (شرڪ کان) پرهيز ڪئي، اهي قيامت جي ڏينهن ڪافرن جي مٿان هوندا ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي،

بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٢١٢﴾ كَانَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً قف فَبَعَثَ اللّٰهُ النَّبِيّٖنَ

بي حساب جي روزي ڏيندو آهي ﴿٢١٢﴾ ماڻهو هڪڙي دين تي هئا (پوءِ اختلاف ڪيائون.) پوءِ الله خوشخبري ڏيندڙ ۽

مُبَشِّرِيْنَ وَ مُنْذِرِيْنَ ص وَاَنْزَلَ مَعَهُمُ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِيَحْكُمَ
ڏيڇاريندڙ پيغمبرَ موڪليا ۽ مٿن حقّ سان ڪتاب لاٿا، جيئن ماڻهن جي وچ ۾ سندن اختلافن جو فيصلو ڪن ۽ (حضرت
بَيْنَ النَّاسِ فِيْمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ط وَ مَا اخْتَلَفَ فِيْهِ اِلَّا الَّذِيْنَ
محمد ﷺ جن جي شان جي باري ۾) رڳو انهن ماڻهن اختلاف ڪيو، جن کي ڪتاب ڏنو ويو، (يعني حاسد يهودين)
اُوْتُوْهُ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ج فَهَدَى اللّٰهُ
هن ڪان پوءِ جو (منهنجين صفتن جي باري ۾ سندن ڪتابن ۾) وٽن روشن نشانيون آيون، پاڻ ۾ ساڙ (۽ ظلم) ڪندي،
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ مِنَ الْحَقِّ بِاِذْنِهٖ ط وَاللّٰهُ يَهْدِيْ
پوءِ الله پنهنجي حڪم سان سندن اختلافن ۾ ايمان وارن کي سڌي واٽ ڏيکاري ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي، ان کي
مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ٢١٣ اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ
سڌي واٽ وٺائيندو آهي ٢١٣ يا (اي فقير مهاجرو!) ڀانيو ٿا تہ توهان جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ اڃا توهان تي انهن
وَلَمَّا يَاْتِكُمْ مَّثَلُ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ ط مَسَّتْهُمُ الْبَاْسَآءُ وَ
(پيغمبرن ۽ مؤمنن) وانگر (سختيون) ناهن آيون، جيڪي توهان کان اڳ گذري چڪا آهن. کين سختي ۽ محتاجي ۽ بيماري
الضَّرَّآءُ وَ زُلْزِلُوْا حَتّٰى يَقُوْلَ الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ مَتٰى نَصْرُ
۽ بڪ پهتي ۽ (مختلف مصيبتن سان) کين ڏوڏيو ويو، تانجو پيغمبر ۽ جن ان سان گڏ ايمان آندو، تن چيو تہ الله جي مدد
اللّٰهِ ط اَلَآ اِنَّ نَصْرَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ ٢١٤ يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ۵ قُلْ
ڪڏهن ايندي؟ ٻڌو! بيشڪ الله جي مدد ويجهي آهي ٢١٤ (اي مُحَمّد ﷺ!) توکان پڇن ٿا تہ ڇا خرچ ڪن؟ (۽ اهو زڪوٰة فرض ٿيڻ
مَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ
کان اڳ جو سوال آهي.) فرماءِ تہ (جيڪا بہ نيڪي ڪريو ۽) جيڪو بہ مال خرچ ڪريو (ان جا حقيقي حقدار توهان جا) ماءُ

وَابْنِ السَّبِيْلِ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿٢١٥﴾

پيءُ ۽ ويجها مِٽ مائٽ ۽ يتيمَ ۽ مسڪينَ ۽ مسافرَ آهن ۽ توهان جيڪا ڀلائي ڪندا، بيشڪ الله ان کي ڄاڻندڙ آهي ﴿٢١٥﴾

كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ وَهُوَ كُرْهٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰٓى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْـًٔا وَّهُوَ

توهان تي ڪافرن سان جنگ لکي وئي آهي ۽ اهو (ڪم) توهان لاءِ ڏکيو آهي ۽ شايد توهان ڪنهن شيءِ کي

خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰٓى اَنْ تُحِبُّوْا شَيْـًٔا وَّهُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ

پسند نہ ڪريو ۽ اها توهان لاءِ چڱي هجي ۽ شايد توهان ڪنهن شيءِ کي پسند ڪريو ۽ اها توهان لاءِ چڱي نہ هجي

وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢١٦﴾ ع يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الشَّهْرِ الْحَرَامِ قِتَالٍ فِيْهِ ؕ ع ٢٦ / ١٠

۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو ﴿٢١٦﴾ توکان حرمت وارن مهينن ۾ ويڙهہ ڪرڻ جي باري ۾ پڇي رهيا آهن.

قُلْ قِتَالٌ فِيْهِ كَبِيْرٌ ؕ وَصَدٌّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَكُفْرٌۢ بِهٖ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ انهن ۾ وڙهڻ وڏو (گناهہ) آهي ۽ الله جي واٽ (۽ سندس تابعداريءَ) کان روڪڻ ۽ سندس ڪفر

وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۗ وَاِخْرَاجُ اَهْلِهٖ مِنْهُ اَكْبَرُ عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَ

ڪرڻ ۽ مسجد حرام (يعني بيت الله شريف) کان روڪڻ ۽ اتان جي رهندڙن کي اتان ٻاهر ڪيڻ، الله تعاليٰ وٽ وڏو

الْفِتْنَةُ اَكْبَرُ مِنَ الْقَتْلِ ؕ وَلَا يَزَالُوْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ حَتّٰى

(۽ بد ترين گناهہ) آهي ۽ فتنو فساد ڪرڻ، قتل کان وڏو (۽ بد ترين گناهہ) آهي ۽ ڪافر سدائين توهان سان وڙهندا رهندا

يَرُدُّوْكُمْ عَنْ دِيْنِكُمْ اِنِ اسْتَطَاعُوْا ؕ وَمَنْ يَّرْتَدِدْ مِنْكُمْ

تانجو توهان کي توهان جي دين کان ڦيرائي ڇڏين، جيڪڏهن (اهي ان جي) سگهہ رکن ۽ جيڪو شخص توهان مان

عَنْ دِيْنِهٖ فَيَمُتْ وَهُوَ كَافِرٌ فَاُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ

پنهنجي دين کان ڦري ويندو، پوءِ اهو ڪافر ٿي مرندو تہ پوءِ اهي ئي ماڻهو آهن، جن جا عملَ

فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۱۷﴾

دنيا ۽ آخرت (ٻنهي جهانن) ۾ چٽ ٿي ويا ۽ اهي ئي ماڻهو دوزخي آهن، منجهس سدائين رهندڙ آهن ﴿۲۱۷﴾

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ

بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيائون، اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي الله

اُولٰٓئِكَ يَرْجُوْنَ رَحْمَتَ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۱۸﴾ يَسْــَٔلُوْنَكَ

جي رحمت ۾ اميد رکن ٿا ۽ الله مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿۲۱۸﴾ توکان شراب ۽ جُوا جي باري ۾ پڇي رهيا آهن.

عَنِ الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ ۭ قُلْ فِيْهِمَآ اِثْمٌ كَبِيْرٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ ۡ

فرماءِ ته انهن ٻنهي ۾ وڏو گناه آهي ۽ ماڻهن لاءِ ڪي فائدا به آهن ۽ انهن ٻنهي جو گناه انهن ٻنهي جي فائدي کان

وَاِثْمُهُمَآ اَكْبَرُ مِنْ نَّفْعِهِمَا ۭ وَيَسْــَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ڛ

وڏو آهي ۽ توکان پڇي رهيا آهن ته ڇا خرچ ڪن (۽ ڪيترو خرچ ڪن ؟) فرماءِ ته (گهر وارن جي) ضرورت کان

قُلِ الْعَفْوَ ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۲۱۹﴾ ۙ

واڌاو (مال خرچ ڪري ڇڏيو.) اهڙيءَ طرح الله توهان لاءِ آيتون روشن ڪري ٿو ته مَنَ توهان سوچ ويچار ڪان ڪم وٺو ﴿۲۱۹﴾

فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۭ وَيَسْــَٔلُوْنَكَ عَنِ الْيَتٰمٰى ۭ قُلْ اِصْلَاحٌ لَّهُمْ

دنيا ۽ آخرت جي باري ۾. ۽ توکان يتيمن(جي حال) جي باري ۾ پڇي رهيا آهن. فرماءِ ته سندن ڪمن کي سڌارڻ

خَيْرٌ ۭ وَاِنْ تُخَالِطُوْهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ ۭ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ الْمُفْسِدَ مِنَ

چڱو ڪم آهي ۽ جيڪڏهن کين پاڻ سان گڏ رکو ته توهان جا (ديني) ڀائر آهن ۽ الله سڌارو ڪندڙ جي ڀيٽ ۾ فساديءَ

الْمُصْلِحِ ۭ وَلَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ لَاَعْنَتَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۲۰﴾ وَلَا

ڪي ڄاڻي ٿو ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته البت توهان کي تڪليف ۾ وجهي ها. بيشڪ الله غالب، حڪمت وارو آهي ﴿۲۲۰﴾

تَنْكِحُوا الْمُشْرِكٰتِ حَتّٰى يُؤْمِنَّ ۭ وَلَاَمَةٌ مُّؤْمِنَةٌ خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكَةٍ

۽ مشرڪياڻين سان نڪاح نہ ڪريو، تانجو ايمان آڻين ۽ البت مؤمن ٻانهي، مشرڪياڻيءَ کان چڱي آهي، جيتوڻيڪ

وَّلَوْ اَعْجَبَتْكُمْ ۚ وَلَا تُنْكِحُوا الْمُشْرِكِيْنَ حَتّٰى يُؤْمِنُوْا ۭ وَلَعَبْدٌ

توهان کي (مشرڪياڻيءَ جو مال ۽ حسن) پسند اچي ۽ مشرڪ مردن کي پنهنجيون عورتون نہ پرڻايو، تانجو ايمان

مُّؤْمِنٌ خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكٍ وَّلَوْ اَعْجَبَكُمْ ۭ اُولٰۗىِٕكَ يَدْعُوْنَ اِلَى

آڻين ۽ البت مؤمن ٻانهو، (آزاد) مشرڪ کان چڱو آهي، جيتوڻيڪ (مشرڪ مال ۽ جمال جي لحاظ سان) توهان کي پسند

النَّارِ ښ وَاللّٰهُ يَدْعُوْٓا اِلَى الْجَنَّةِ وَالْمَغْفِرَةِ بِاِذْنِهٖ ۚ وَيُبَيِّنُ

اچي. اهي (مشرڪ) ماڻهو توهان کي باھہ ڏانهن سڏين ٿا ۽ الله توهان کي پنهنجي حڪم سان جنت ۽ مغفرت ڏانهن

اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٢١﴾ ع وَيَسْــَٔـلُوْنَكَ عَنِ الْمَحِيْضِ ۭ

سڏي ٿو ۽ الله ماڻهن لاءِ پنهنجيون نشانيون روشن ڪري ٿو، مَنَ اهي نصيحت قبول ڪن ﴿٢٢١﴾ ۽ توکان حيض وارين عورتن

قُلْ هُوَ اَذًى ۙ فَاعْتَزِلُوا النِّسَاۗءَ فِي الْمَحِيْضِ ۙ وَلَا تَقْرَبُوْهُنَّ حَتّٰى

جي (حال جي) باري ۾ پڇن ٿا. (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ حيض تڪليف واري شيءِ آهي. پوءِ حيض جي حالت ۾ زالن

يَطْهُرْنَ ۚ فَاِذَا تَطَهَّرْنَ فَاْتُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ اَمَرَكُمُ اللّٰهُ ۭ

(سان صحبت ڪرڻ) کان پاسو ڪريو (۽ اها منع دُن کان گوڏن تائين آهي) ۽ انهن سان صحبت نہ ڪريو، ايستائين جو اهي (حيض کان
غسل ڪري) پاڪ ٿين. پوءِ جڏهن اهي (غسل ڪري) چڱيءَ طرح پاڪ ٿين تہ ساڻن اتان صحبت ڪريو، جتان الله توهان کي حڪم

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ﴿٢٢٢﴾ نِسَاۗؤُكُمْ حَرْثٌ

فرمايو آهي. بيشڪ الله پسند فرمائي ٿو توبہ ڪندڙن کي ۽ پسند فرمائي ٿو پاڪ رهندڙن کي ﴿٢٢٢﴾ توهان جون عورتون

لَّكُمْ ۠ فَاْتُوْا حَرْثَكُمْ اَنّٰى شِئْتُمْ ۡ وَقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ ۭ وَاتَّقُوا

توهان لاءِ پوک آهن. پوءِ پنهنجي پوک ۾ جتان گهرو (۽ جڏهن گهرو) اتان اچو ۽ پنهنجي لاءِ (نيڪيون) اڳتي موڪليو

اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ مُّلٰقُوْهُ ؕ وَ بَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٢٣﴾ وَلَا تَجْعَلُوا

۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو تہ توهان ان سان ملڻ وارا آهيو ۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏي ﴿٢٢٣﴾ ۽ الله کي پنهنجن قسمن

اللّٰهَ عُرْضَةً لِّاَيْمَانِكُمْ اَنْ تَبَرُّوْا وَتَتَّقُوْا وَ تُصْلِحُوْا بَيْنَ

جو بهانو (۽ منع ڪرڻ جو سبب) نہ بڻايو تہ توهان نيڪي (نہ) ڪندا ۽ پرهيزگاري (نہ) ڪندا ۽ ماڻهن ۾ صلح

النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٢٤﴾ لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ

(نہ) ڪرائيندا ۽ الله ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿٢٢٤﴾ الله توهان کي (زباني تڙ تڪڙ سبب) اجاين قسمن تي پڪڙ نہ ڪندو ۽ پر

اَيْمَانِكُمْ وَ لٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا كَسَبَتْ قُلُوْبُكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ

توهان کي انهن قسمن تي پڪڙيندو، جن جو توهان جون دليون پڪو پختو ارادو ڪن ٿيون ۽ الله رحم ڪندڙ،

غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿٢٢٥﴾ لِلَّذِيْنَ يُؤْلُوْنَ مِنْ نِّسَآئِهِمْ تَرَبُّصُ

بردبار آهي ﴿٢٢٥﴾ جيڪي مرد پنهنجين زالن سان (صحبت نہ ڪرڻ جو) قسم کڻن ٿا، تن لاءِ چار مهينا انتظار

اَرْبَعَةِ اَشْهُرٍ ۚ فَاِنْ فَآءُوْ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٢٦﴾ وَاِنْ

ڪرڻ آهي. پوءِ جيڪڏهن پنهنجي قسم کان موٽن تہ پوءِ بيشڪ الله مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿٢٢٦﴾ ۽ جيڪڏهن

عَزَمُوا الطَّلَاقَ فَاِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٢٧﴾ وَ الْمُطَلَّقٰتُ

طلاق ڏيڻ جو پڪو پختو ارادو ڪن تہ پوءِ بيشڪ الله ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿٢٢٧﴾ ۽ طلاق ڏنل عورتن کي گهرجي تہ

يَتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ ثَلٰثَةَ قُرُوْٓءٍ ؕ وَلَا يَحِلُّ لَهُنَّ اَنْ يَّكْتُمْنَ

ٽي طُهر (يا (تفسيري اختلافن مطابق ٽي حيض) انتظار ڪن ۽ سندن لاءِ حلال نہ آهي تہ الله تعاليٰ سندن رِحمن ۾

مَا خَلَقَ اللّٰهُ فِيْٓ اَرْحَامِهِنَّ اِنْ كُنَّ يُؤْمِنَّ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ

جيڪي ڪجهہ پيدا ڪيو آهي، سو لڪائين جيڪڏهن الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿيون ۽ سندن مڙس وڌيڪ

الْاٰخِرِ ؕ وَبُعُوْلَتُهُنَّ اَحَقُّ بِرَدِّهِنَّ فِيْ ذٰلِكَ اِنْ اَرَادُوْٓا اِصْلَاحًا ؕ

حقدار آهن ته انهيءَ (اولاد) کي انهيءَ مدت جي اندر انهن ڏانهن موٽائين، جيڪڏهن اصلاح جو ارادو رکن ٿا ۽ (مڙسن

وَلَهُنَّ مِثْلُ الَّذِيْ عَلَيْهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۪ وَلِلرِّجَالِ عَلَيْهِنَّ دَرَجَةٌ ؕ

تي) زالن جا اهي ئي حق آهن، جيڪي سهڻي نموني سان مٿن مڙسن جا حق آهن ۽ مردن کي عورتن تي درجو آهي ۽

ع ٢٨ ١٢ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٢٨﴾ اَلطَّلَاقُ مَرَّتٰنِ ۪ فَاِمْسَاكٌۢ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ

الله غالب حڪمت وارو آهي ﴿٢٢٨﴾ طلاق ٻه ڀيرا آهي. پوءِ (ٽئين ڀيري) سهڻي نموني سان روڪڻ آهي، يا احسان سان ڇڏي

تَسْرِيْحٌۢ بِاِحْسَانٍ ؕ وَلَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَاْخُذُوْا مِمَّآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ

ڏيڻ آهي ۽ توهان لاءِ حلال نه آهي ته جو ڪجهه توهان زالن کي ڏنو آهي، تنهن مان ڪجهه واپس وٺو، سواءِ ان جي جو

شَيْـًٔا اِلَّآ اَنْ يَّخَافَآ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا

اهي ٻئي (زال ۽ مڙس) ڊڄن ته الله جي حدن تي قائم رهي نه سگهندا. پوءِ جيڪڏهن (اي حاڪمو!) توهان ڊڄو ته اهي

يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ۙ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا فِيْمَا افْتَدَتْ بِهٖ ؕ

ٻئي (زال ۽ مڙس) الله جي حدن تي قائم رهي نه سگهندا ته زال بدلي ۾ مڙس کي جيڪي ڪجهه ڏي (ته انهيءَ ڏي وٺ

تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَعْتَدُوْهَا ۚ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ

۾) ٻنهي تي گناهه نه آهي. اهي الله جون حدون آهن، انهن کان نه لنگهو ۽ جيڪي الله جي حدن کان لنگهندا ته پوءِ

هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٢٩﴾ فَاِنْ طَلَّقَهَا فَلَا تَحِلُّ لَهٗ مِنْۢ بَعْدُ حَتّٰى

اهي ئي ماڻهو ظالم آهن ﴿٢٢٩﴾ پوءِ جيڪڏهن اهو (مڙس پنهنجي) زال کي (ٽين) طلاق (به) ڏي ته ان کان پوءِ اها (زال)

تَنْكِحَ زَوْجًا غَيْرَهٗ ؕ فَاِنْ طَلَّقَهَا فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَآ اَنْ يَّتَرَاجَعَآ

انهيءَ (يعني پهرئين مڙس) لاءِ حلال نه آهي، تانجو اها ڪنهن ٻئي مڙس سان نڪاح ڪري. پوءِ جيڪڏهن انهيءَ زال

اِنْ ظَنَّآ اَنْ يُّقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ؕ وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ يُبَيِّنُهَا لِقَوْمٍ

کي (بيو مڙس به) طلاق ڏئي ڇڏي ته پوءِ انهن ٻنهي تي گناه نه آهي ته هڪ ٻئي ڏانهن وري موٽن (يعني نئون نڪاح ڪن.) جيڪڏهن ٻئي ڄاڻن ته اهي ٻئي الله جي حدن تي قائم رهي سگهندا ۽ اهي الله جون حدون آهن، جن کي الله انهن ماڻهن لاءِ روشن

يَّعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٠﴾ وَاِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ

فرمائي ٿو، جيڪي ڄاڻن ٿا ﴿٢٣٠﴾ ۽ جڏهن زالن کي طلاق ڏيو، پوءِ اهي پنهنجي عدت (پوري ڪرڻ) کي پهچن ته کين

بِمَعْرُوْفٍ اَوْ سَرِّحُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ ۪ وَّلَا تُمْسِكُوْهُنَّ ضِرَارًا لِّتَعْتَدُوْا ۚ

سهڻي نموني سان روڪيو يا کين سهڻي نموني سان ڇڏي ڏيو ۽ کين تڪليف ڏيڻ لاءِ نه روڪيو ته جيئن توهان حد کان

وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ؕ وَلَا تَتَّخِذُوْٓا اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا ز

لنگهو ۽ جيڪو شخص ائين ڪندو ته تحقيق انهيءَ پاڻ تي ظلم ڪيو ۽ الله جي آيتن سان ٺٺوليون نه ڪريو

وَّاذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَمَآ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ وَ

۽ پاڻ تي الله تعاليٰ جي ڪيل نعمت ۽ پاڻ تي سندس لاٿل ڪتاب ۽ حڪمت کي ياد ڪريو.

الْحِكْمَةِ يَعِظُكُمْ بِهٖ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ

(الله تعاليٰ) توهان کي ان جي ذريعي نصيحت ڪري ٿو ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته بيشڪ الله هر شيءِ کي

عَلِيْمٌ ع ﴿٢٣١﴾ وَاِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ

ڄاڻندڙ آهي ﴿٢٣١﴾ ۽ جڏهن زالن کي طلاق ڏيو، پوءِ سندن عدت گذري وڃي ته کين نه روڪيو ته اهي پنهنجن مڙسن سان

اَنْ يَّنْكِحْنَ اَزْوَاجَهُنَّ اِذَا تَرَاضَوْا بَيْنَهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ ذٰلِكَ

نڪاح ڪن، جڏهن ته سهڻي نموني سان هڪ ٻئي کان راضي ٿين. اهو (نه روڪڻ جو حڪم) نصيحت آهي، جيڪا توهان

يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ مِنْكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ ذٰلِكُمْ

مان انهيءَ شخص کي ڪئي وڃي ٿي، جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو. اهو توهان جو (انهن

اَزْكٰى لَكُمْ وَ اَطْهَرُ ط وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٢﴾ وَ

عورتن کي ٻيءِ شادي ڪرڻ کان نہ روڪڻ) توهان لاءِ وڌيڪ فضيلت جو ڪم ۽ وڌيڪ پاڪ ڪندڙ آهي ﴿٢٣٢﴾ ۽

الْوَالِدٰتُ يُرْضِعْنَ اَوْلَادَهُنَّ حَوْلَيْنِ كَامِلَيْنِ لِمَنْ اَرَادَ اَنْ

مائرن کي گهرجي تہ پنهنجي اولاد کي پورا ٻہ سال کير پيارين. (اهو حڪم) انهيءَ شخص جي لاءِ آهي، جيڪو

يُّتِمَّ الرَّضَاعَةَ ط وَ عَلَى الْمَوْلُوْدِ لَهٗ رِزْقُهُنَّ وَ كِسْوَتُهُنَّ

گهري ٿو تہ (پنهنجي اولاد کي) ٿڃ پوري پياري ۽ مائرن لاءِ ٻار جي پيءُ تي سهڻي نموني سان سندن خرچ ۽ سندن

بِالْمَعْرُوْفِ ط لَا تُكَلَّفُ نَفْسٌ اِلَّا وُسْعَهَا ج لَا تُضَآرَّ وَالِدَةٌۢ

لباس ڏيڻ آهي. ڪنهن شخص کي ان جي سگهہ کان وڌيڪ تڪليف نہ ڏني ويندي آهي. نہ ماءُ کي سندس اولاد

بِوَلَدِهَا وَلَا مَوْلُوْدٌ لَّهٗ بِوَلَدِهٖ ق وَعَلَى الْوَارِثِ مِثْلُ ذٰلِكَ ج

جي ڪري ۽ نہ پيءُ کي سندس اولاد جي ڪري تڪليف ڏجي ۽ (مردن مان ٻار جي عصبي يعني ويجهي)

فَاِنْ اَرَادَا فِصَالًا عَنْ تَرَاضٍ مِّنْهُمَا وَ تَشَاوُرٍ فَلَا جُنَاحَ

وارث تي بہ اهڙوئي (حقّ) آهي. پوءِ جيڪڏهن ماءُ ۽ پيءُ پاڻ ۾ رضامندي ۽ مشوري سان (ٻن سالن کان اڳ ٻار جو) کير

عَلَيْهِمَا ط وَ اِنْ اَرَدْتُّمْ اَنْ تَسْتَرْضِعُوْٓا اَوْلَادَكُمْ فَلَا جُنَاحَ

ڇڏائڻ گهرن تہ انهن ٻنهي تي ڪو گناه نہ آهي ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجي اولاد کي (ٻيءَ) عورت کان کير پيارڻ گهرو تہ

عَلَيْكُمْ اِذَا سَلَّمْتُمْ مَّآ اٰتَيْتُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ط وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ

بہ توهان تي گناه نہ آهي، جڏهن تہ (کير پيارڻ واريءَ کي) مقرر ڪيل اجرت سهڻي نموني سان ادا ڪريو ۽ الله کان ڊڄو ۽

اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٣٣﴾ وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ

ڄاڻو تہ جيڪي ڪجهہ توهان ڪري رهيا آهيو، تنهن کي الله ڏسندڙ آهي ﴿٢٣٣﴾ ۽ توهان مان جيڪي مرد مري وڃن ۽

مِنْكُمْ وَ يَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا يَّتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ اَرْبَعَةَ

(پنهنجي پويان) زالون ڇڏي وڃن ته اهي (زالون) پاڻ کي چار مهينا ۽ ڏهه ڏينهن روڪين. پوءِ جڏهن اهي پنهنجي مدت

اَشْهُرٍ وَّعَشْرًا ۚ فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ

پوري ڪن ته توهان تي ڪو حرج (۽ گناهه) نه آهي ته اهي پنهنجي (نڪاح جي) باري ۾ (پنهنجن وارثن جي

فِيْمَا فَعَلْنَ فِيْۤ اَنْفُسِهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

اجازت سان) سهڻي نموني سان، جيڪي ڪجهه ڪرن، سو ڪن ۽ جيڪي ڪجهه توهان ڪريو ٿا، الله تعاليٰ ان جي خبر

خَبِيْرٌ ﴿٢٣٤﴾ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا عَرَّضْتُمْ بِهٖ مِنْ خِطْبَةِ

رکندڙ آهي ﴿٢٣٤﴾ ۽ توهان تي ڪو حرج (۽ گناهه) نه آهي ته عورتن کي اشاري سان نڪاح جو پيغام ڏيو، يا اها

النِّسَآءِ اَوْ اَكْنَنْتُمْ فِيْۤ اَنْفُسِكُمْ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ سَتَذْكُرُوْنَهُنَّ

ڳالهه پنهنجين دلين ۾ لڪائي رکو. الله ڄاڻي ٿو ته سگهوئي توهان انهن کي ياد ڪندا ۽ پر توهان ساڻن

وَلٰكِنْ لَّا تُوَاعِدُوْهُنَّ سِرًّا اِلَّاۤ اَنْ تَقُوْلُوْا قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ؕ وَلَا

(صحبت ڪرڻ جا) ڳجها وعدا نه ڪريو، سواءِ هِن جي جو ڪا سهڻي ڳالهه چئو ۽ پنهنجي مدّت (يعني عورتن جي

تَعْزِمُوْا عُقْدَةَ النِّكَاحِ حَتّٰى يَبْلُغَ الْكِتٰبُ اَجَلَهٗ ؕ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ

عدّت) جي پوري ٿيڻ کان اڳ (انهن سان) نڪاح ڪرڻ جا پڪا پهه نه پچايو ۽ (پڳ) ڄاڻو ته جيڪي ڪجهه

اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِيْۤ اَنْفُسِكُمْ فَاحْذَرُوْهُ ۚ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ

توهان جي دلين ۾ آهي، ان کي الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو، پوءِ ان کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته الله تعاليٰ مغفرت فرمائيندڙ،

حَلِيْمٌ ﴿٢٣٥﴾ ع لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ مَا لَمْ تَمَسُّوْهُنَّ اَوْ ع ٣٠ ١٤

بردبار آهي ﴿٢٣٥﴾ جيڪڏهن زالن کي هٿ لائڻ کان اڳ، يا سندن مهر جي مقرر ٿيڻ کان اڳ، انهن کي طلاق ڏيو

تَفْرِضُوْا لَهُنَّ فَرِيْضَةً ۚ ۖ وَّ مَتِّعُوْهُنَّ ۚ عَلَى الْمُوْسِعِ قَدَرُهٗ وَعَلَى

تہ توهان تي ڪو حرج (يعني تنگي ۽ گناه) نہ آهي ۽ ڪين فائدو پهچايو. سرنديءَ واري تي سندس سگهہ آهر ۽ مسڪين تي

الْمُقْتِرِ قَدَرُهٗ ۚ مَتَاعًا ۢ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٢٣٦﴾ وَاِنْ

سندس سگهہ آهر، سهڻي نموني سان (انهن کي) فائدو پهچائڻ، اهو احسان ڪندڙن تي حق آهي ﴿٢٣٦﴾ ۽ جيڪڏهن

طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ وَقَدْ فَرَضْتُمْ لَهُنَّ

ڪين هٿ لائڻ کان اڳ ڪين طلاق ڏيو، جڏهن تہ سندن لاءِ توهان حقّ مهر مقرّر ڪري چڪا آهيو تہ مقرّر ڪيل مهر جو اڌ ڏيڻ

فَرِيْضَةً فَنِصْفُ مَا فَرَضْتُمْ اِلَّآ اَنْ يَّعْفُوْنَ اَوْ يَعْفُوَا الَّذِيْ

(توهان تي واجب) آهي، مگر هيءُ تہ (اهي زالون) پاڻ معاف ڪن يا (وارثن مان) جنهن جي هٿ ۾ نڪاح جي ڳنڍ آهي، سو

بِيَدِهٖ عُقْدَةُ النِّكَاحِ ۭ وَاَنْ تَعْفُوْٓا اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى ۭ وَلَا تَنْسَوُا

معاف ڪري ۽ جيڪڏهن توهان معاف ڪريو تہ اها ڳالهہ پرهيزگاريءَ جي وڌيڪ ويجهي آهي ۽ هڪ ٻئي سان مهرباني ۽

الْفَضْلَ بَيْنَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٣٧﴾ حٰفِظُوْا عَلَى

احسان ڪرڻ کي نہ وساريو، بيشڪ توهين جيڪي بہ ڪجهہ ڪري رهيا آهيو، الله ان کي ڏسندڙ آهي ﴿٢٣٧﴾ نمازن جي ۽

الصَّلَوٰتِ وَالصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى ۤ وَقُوْمُوْا لِلّٰهِ قٰنِتِيْنَ ﴿٢٣٨﴾ فَاِنْ خِفْتُمْ

(خاص طرح) وچينءَ نماز جي حفاظت ڪريو ۽ الله لاءِ تابعدار ٿي بيهو ﴿٢٣٨﴾ پوءِ جيڪڏهن (دشمن کان) ڊڄو تہ بيهي يا

فَرِجَالًا اَوْ رُكْبَانًا ۚ فَاِذَآ اَمِنْتُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَمَا عَلَّمَكُمْ مَّا لَمْ

سواريءَ تي نماز پڙهو. پوءِ جڏهن توهان کي امن نصيب ٿئي تہ الله کي ياد ڪريو، جيئن توهان کي اهي ڳالهيون

تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٩﴾ وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَيَذَرُوْنَ

سيکاريائين، جيڪي توهان نہ ڄاڻندا هئا ﴿٢٣٩﴾ ۽ توهان مان جيڪي گذاري وڃن ۽ پنهنجي پويان زالون ڇڏي وڃن تہ مرڻ

اَزْوَاجًا ۚۖ وَّصِيَّةً لِّاَزْوَاجِهِمْ مَّتَاعًا اِلَى الْحَوْلِ غَيْرَ اِخْرَاجٍ ۚ

تي زالن لاءِ وصيت ڪرڻ (فرض) آهي (يعني سندس وارث سندس زال کي) هڪ سال جو خرچ ڏين ۽ گهر مان نہ ڪڍن. پوءِ

فَاِنْ خَرَجْنَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْ مَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ مِنْ

جيڪڏهن (زالون اتان) پاڻ نڪرن تہ (اي ميت جا وارثو!) توهان تي گناهہ نہ آهي تہ اهي پنهنجي باري ۾ سهڻي نموني سان

مَّعْرُوْفٍ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۴۰﴾ وَلِلْمُطَلَّقٰتِ مَتَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ

جيڪي ڪجهہ ڪرن، پلي ڪن ۽ الله غالب، حڪمت وارو آهي ﴿۲۴۰﴾ ۽ طلاق ڏنل عورتن کي سهڻي نموني سان مَال مَتاع ڏيڻ

حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿۲۴۱﴾ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ

پرهيزگارن تي حقّ (۽ لازم) آهي ﴿۲۴۱﴾ اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ توهان لاءِ پنهنجون آيتون روشن فرمائي رهيو آهي،

تَعْقِلُوْنَ ﴿۲۴۲﴾ ع اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَهُمْ

مَنَ توهان عقل کان ڪم وٺو ﴿۲۴۲﴾ ڇا تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو، جيڪي پنهنجن گهرن مان هزارن جي تعداد ۾ موت جي

اُلُوْفٌ حَذَرَ الْمَوْتِ ۖ فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوْتُوْا قف ثُمَّ اَحْيَاهُمْ ؕ

خوف کان ڀڄي نڪتا. پوءِ الله تعاليٰ کين فرمايو تہ "مري وڃو." (پوءِ اهي اُتي جو اُتي مري ويا. اُنهيءَ کان)

اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا

بعد الله تعاليٰ انهن کي زنده ڪيو. بيشڪ الله تعاليٰ ماڻهن تي وڏي فضل وارو آهي ۽ پر گهڻا ماڻهو شڪر

يَشْكُرُوْنَ ﴿۲۴۳﴾ وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ

نہ ڪندا آهن ﴿۲۴۳﴾ ۽ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ (ڪافرن سان) وڙهو ۽ ڄاڻو تہ الله تعاليٰ ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ

عَلِيْمٌ ﴿۲۴۴﴾ مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗٓ

آهي ﴿۲۴۴﴾ ڪير آهي جيڪو الله کي سهڻو قرض ڏي؟ پوءِ الله کيس وڌائي ڏي، گهڻو وڌائي ڏيڻ ۽ الله (جنهن جي روزي

٣١ ع ١٥

اَضْعَافًا كَثِيْرَةً ؕ وَ اللّٰهُ يَقْبِضُ وَ يَبْصُۜطُ ۪ وَ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۲۴۵﴾

چاهي تو) تنگ ڪري تو ۽ (جنهن جي روزي چاهي تو،) ڪشادي ڪري تو ۽ ان ڏانهن ئي توهان کي موٽايو ويندو ﴿۲۴۵﴾

اَلَمْ تَرَ اِلَى الْمَلَاِ مِنْۢ بَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰی ۘ اِذْ قَالُوْا

چا تو موسيٰ (عليه السلام) کان پوءِ بني اسرائيل جي سردارن جي جماعت ڏانهن نہ ڏٺو، جڏهن انهن پنهنجي نبيءَ

لِنَبِیٍّ لَّهُمُ ابْعَثْ لَنَا مَلِكًا نُّقَاتِلْ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ ؕ قَالَ

(شموئيل عليه السلام) کي چيو تہ اسان جي لاءِ هڪڙو بادشاه مقرر ڪر تہ اسين الله جي واٽ ۾ وڙهون (شموئيل نبي عليه السلام

هَلْ عَسَیْتُمْ اِنْ كُتِبَ عَلَیْكُمُ الْقِتَالُ اَلَّا تُقَاتِلُوْا ؕ قَالُوْا وَمَا

انهن کي) چيو تہ شايد ائين ٿئي جو توهان تي جنگ لکي وڃي (يعني جهاد فرض ڪيو وڃي)، پوءِ توهان جنگ نہ

لَنَاۤ اَلَّا نُقَاتِلَ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ وَقَدْ اُخْرِجْنَا مِنْ دِیَارِنَا وَاَبْنَآىِٕنَا ؕ

ڪريو. چيائون تہ اسان کي ڇا ٿيو آهي جو الله جي واٽ ۾ جنگ نہ ڪريون ۽ تحقيق اسان کي، اسان جي گهرن ۽ اسان

فَلَمَّا كُتِبَ عَلَیْهِمُ الْقِتَالُ تَوَلَّوْا اِلَّا قَلِیْلًا مِّنْهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ

جي ٻارن ٻچن کان بيدخل ڪيو ويو آهي؟ پوءِ جڏهن انهن تي جهاد فرض ڪيو ويو تہ انهن منهن موڙيو، سواءِ انهن مان

عَلِیْمٌۢ بِالظّٰلِمِیْنَ ﴿۲۴۶﴾ وَ قَالَ لَهُمْ نَبِیُّهُمْ اِنَّ اللّٰهَ قَدْ بَعَثَ

ٿورن جي ۽ الله ظالمن (جي حال) کي چاڻندڙ آهي ﴿۲۴۶﴾ ۽ سندن پيغمبر (عليه السلام) انهن کي چيو تہ بيشڪ الله تعاليٰ

لَكُمْ طَالُوْتَ مَلِكًا ؕ قَالُوْۤا اَنّٰی یَكُوْنُ لَهُ الْمُلْكُ عَلَیْنَا وَ

توهان تي طالوت کي بادشاه مقرر فرمائي ڇڏيو آهي. انهن چيو تہ اسان تي ان کي بادشاهي ڪيئن حاصل ٿيندي؟ ۽

نَحْنُ اَحَقُّ بِالْمُلْكِ مِنْهُ وَ لَمْ یُؤْتَ سَعَةً مِّنَ الْمَالِ ؕ قَالَ

اسين ان کان بادشاهيءَ جا وڌيڪ حقدار آهيون ۽ ڪيس مال جي ڪشادگي بہ ڏني نہ وئي آهي. (شموئيل عليه السلام) چيو تہ

وقف لازم

إِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىهُ عَلَيْكُمْ وَ زَادَهٗ بَسْطَةً فِي الْعِلْمِ وَ الْجِسْمِ ؕ

بيشڪ الله ڪيس توهان جي مٿان چونڊي چڙيو آهي ۽ ڪيس علم ۽ جسم ۾ (توهان کان) وڌايو آهي ۽ الله پنهنجو ملڪ جنهن

وَاللّٰهُ يُؤْتِيْ مُلْكَهٗ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۴۷﴾ وَ قَالَ

کي چاهيندو آهي، ڏيندو آهي ۽ الله تعاليٰ ڪشادي (رحمت وارو)، علم وارو آهي ﴿۲۴۷﴾ ۽ کين سندن پيغمبر چيو ته بيشڪ

لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اٰيَةَ مُلْكِهٖٓ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ التَّابُوْتُ فِيْهِ سَكِيْنَةٌ

سندس بادشاهي جي نشاني هيءَ آهي ته توهان وٽ تابوت آڻيندو (جيڪا دشمن توهان کان کسي ويو آهي)، جنهن ۾ توهان

مِّنْ رَّبِّكُمْ وَبَقِيَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ اٰلُ مُوْسٰى وَاٰلُ هٰرُوْنَ تَحْمِلُهُ

جي ربّ جي طرفان توهان لاءِ سُڪون ۽ موسيٰ (عليه السلام) جي خاندان ۽ هارون (عليه السلام) جي خاندان جا ڇڏيل تبرّڪات پڻ

الْمَلٰٓئِكَةُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۲۴۸﴾ ع ٣٢ ع ٦ ١٦

آهن، جنهن کي فرشتا کڻي ايندا. بيشڪ انهيءَ ۾ توهان لاءِ البت هڪڙي نشاني آهي، جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو ﴿۲۴۸﴾

فَلَمَّا فَصَلَ طَالُوْتُ بِالْجُنُوْدِ ۙ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ مُبْتَلِيْكُمْ بِنَهَرٍ ۚ

پوءِ جڏهن طالوت پنهنجو لشڪر وٺي هليو، انهيءَ چيو ته بيشڪ الله تعاليٰ توهان کي هڪ نهر (جي پاڻيءَ) جي ذريعي

فَمَنْ شَرِبَ مِنْهُ فَلَيْسَ مِنِّيْ ۚ وَمَنْ لَّمْ يَطْعَمْهُ فَاِنَّهٗ مِنِّيْٓ

آزمائڻ وارو آهي. پوءِ جنهن انهيءَ مان پاڻي پيتو، اهو مون مان نه آهي ۽ جنهن انهيءَ مان پاڻي نه پيتو ته بيشڪ اهو مون

اِلَّا مَنِ اغْتَرَفَ غُرْفَةً ۢ بِيَدِهٖ ۚ فَشَرِبُوْا مِنْهُ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ ؕ

مان آهي، مگر جيڪو پنهنجي هٿ سان (هڪ اڌ) ٻُڪ ڀري پيئي. پوءِ ان مان ٿورن کان سواءِ (سيني ماڻهن) پاڻي پيتو. پوءِ

فَلَمَّا جَاوَزَهٗ هُوَ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۙ قَالُوْا لَا طَاقَةَ لَنَا

جڏهن طالوت ۽ ايمان وارا انهيءَ نديءَ وٽان ٽپي پار ٿيا ته انهن چيو ته اڄ اسان ۾ جالوت ۽ سندس لشڪر سان مقابلي ڪرڻ

الْيَوْمَ بِجَالُوْتَ وَ جُنُوْدِهٖ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوا

جي ڪا طاقت نہ آهي. جن ماڻهن کي الله سان ملاقات جو يقين هو، انهن چيو تہ ڪيترين ئي گهٽ جماعتون هونديون

اللّٰهِ ۙ كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِيْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيْرَةًۢ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ

آهن، جيڪي الله جي حڪم سان وڏين جماعتن تي غالب ٿينديون رهنديون آهن ۽ الله صبر ڪرڻ

وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۲۴۹﴾ وَ لَمَّا بَرَزُوْا لِجَالُوْتَ وَ جُنُوْدِهٖ

وارن سان گڏ آهي ﴿۲۴۹﴾ ۽ جڏهن اهي (اسرائيلي) جالوت ۽ سندس لشڪر جي مقابلي ۾ آيا، انهن چيو تہ ربّ

قَالُوْا رَبَّنَاۤ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّ ثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَانْصُرْنَا

اسان جا! اسان تي صبر جي پالوٽ فرماءِ ۽ اسان جا قدم مضبوط فرماءِ ۽ اسان کي (هن) ڪافر قوم جي

عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۵۰﴾ؕ فَهَزَمُوْهُمْ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۙ۫ وَقَتَلَ دَاوٗدُ

مقابلي ۾ مدد ڏي ﴿۲۵۰﴾ پوءِ انهن الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪافرن کي شڪست ڏني ۽ دائود (عليه السلام) جالوت کي قتل ڪيو

جَالُوْتَ وَ اٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ وَ الْحِكْمَةَ وَ عَلَّمَهٗ مِمَّا يَشَآءُ ؕ

۽ الله کيس بادشاهي ۽ حڪمت عطا فرمائي ۽ جيڪي گهريائين، کيس سيکاريائين ۽ جيڪڏهن الله بعض ماڻهن کي

وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ ۙ لَّفَسَدَتِ

بعض جي ذريعي رفع دفع نہ ڪري ها تہ البت زمين ۾ (شرڪ ۽ ڪفر جهڙي ڪري) فساد پکڙجي وڃي ها ۽ پر الله تعاليٰ

الْاَرْضُ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۲۵۱﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ

جهانن وارن تي وڏي فضل وارو آهي ﴿۲۵۱﴾ اهي آيتون (جن جي توکي خبر ڏني وڃي ٿي)، الله تعاليٰ جون

اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ؕ وَ اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۲۵۲﴾

(آيتون) آهن، جن کي تو تي حقّ سان پڙهي رهيا آهيون ۽ بيشڪ تون (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) يقيناً رسولن مان آهين ﴿۲۵۲﴾

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ مِنْهُمْ مَّنْ كَلَّمَ اللّٰهُ

اهي رسول آهن، جن مان بعض کي بعض تي فضيلت ڏني سون. انهن مان کي آهن جن سان الله تعاليٰ ڪلام

وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ط وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ

ڪيو ۽ ڪن جا درجا بلند ڪيائين ۽ اسان عيسيٰ پٽ مريم کي روشن نشانيون ڏنيون ۽ جبرئيل سان ڪيس قوت ڏني

بِرُوْحِ الْقُدُسِ ط وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلَ الَّذِيْنَ مِنْ بَعْدِهِمْ مِّنْ

سون ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته انهن کان بعد ۾ ايندڙ ماڻهو پاڻ وٽ روشن نشانيون جي اچڻ کان پوءِ هڪ ٻئي سان نه

بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ وَلٰكِنِ اخْتَلَفُوْا فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ وَ

وڙهن ها ۽ پر پاڻ ۾ اختلاف ڪيائون. پوءِ انهن مان کي آهن، جن ايمان آندو ۽ انهن مان کي آهن،

مِنْهُمْ مَّنْ كَفَرَ ط وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلُوْا قف وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ

جيکي ڪافر ٿيا ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته پاڻ ۾ نه وڙهن ها ۽ پر الله جيکي چاهي ٿو،

مَا يُرِيْدُ ع ۝٢٥٣ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ

سو ڪري ٿو ۝٢٥٣ اي ايمان وارو! جنهن (مال جو) اسان توهان کي مالڪ ڪيو آهي، تنهن مان خرچ ڪريو، ان ڏينهن

يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا خُلَّةٌ وَّلَا شَفَاعَةٌ ط وَالْكٰفِرُوْنَ هُمُ

جي اچڻ کان اڳ جنهن ڏينهن نه واپار هوندو (يعني نه فديو ورتو ويندو) ۽ نه دوستي هوندي ۽ نه شفاعت ڪم ايندي ۽

الظّٰلِمُوْنَ ۝٢٥٤ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ج اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ج ۵ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ

ڪافر ئي ظالم آهن ۝٢٥٤ الله کان سواءِ ڪو معبود نه آهي، زنده (۽) قائم آهي. نه ڪيس پنڪي اچي ٿي ۽ نه ننڊ. جيکي ڪجهه

وَّلَا نَوْمٌ ط لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ط مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ

آسمانن ۾ آهي ۽ جيکي ڪجهه زمين ۾ آهي، ان جو آهي. ڪير آهي جيڪو سندس اجازت کان سواءِ وٽس شفاعت ڪري؟ جيکي

عِنْدَهٗٓ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ۚ وَلَا

ڪجھ سندن اڳيان (يعني دنياوي ڪم) آهن ۽ جيڪي ڪجھ سندن پويان (يعني آخرت جا ڪم) آهن (سڀ) ڄاڻي ٿو ۽ (ٻانها)

يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖٓ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ

سندس علم مان ڪنهن شيءِ تائين پهچي نٿا سگهن مگر جيڪي ڪجھ الله گهري. سندس علم ۽ بادشاهي آسمانن ۽ زمين کان

وَالْاَرْضَ ۚ وَلَا يَـُٔوْدُهٗ حِفْظُهُمَا ۚ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ﴿٢٥٥﴾ لَآ

ڪشادي آهي ۽ سندن حفاظت ڪيس نٿي ٿڪائي (۽ نه اها ان لاءِ مشڪل آهي) ۽ اهو (قدرت ۾) مٿانهين، وڏي شان وارو آهي ﴿٢٥٥﴾

اِكْرَاهَ فِى الدِّيْنِ ۙ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ الْغَيِّ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ

دين ۾ زور زبردستي نه آهي. بيشڪ هدايت گمراهيءَ کان روشن ٿي چڪي، پوءِ جيڪو شيطان ۽ بتن جو انڪاري ٿيو ۽

بِالطَّاغُوْتِ وَيُؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى لَا انْفِصَامَ

الله تي ايمان آندائين (۽ سندس فرمانبرداري ڪيائين) پوءِ بيشڪ انهيءَ مضبوط ڪڙي کي پڪڙي ورتو، جيڪو ٽٽڻ

لَهَا ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٥٦﴾ اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ

وارو نه آهي ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي ﴿٢٥٦﴾ الله ايمان وارن جو دوست آهي، ڪين ڪفر جي اونداهين مان

مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْلِيٰٓـُٔهُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ

ايمان جي نور ڏانهن ڪيدي ٿو ۽ جيڪي ماڻهو ڪافر ٿيا، تن جا دوست شيطان ۽ بت آهن، جيڪي ڪين ايمان جي نور

يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ

کان ٻاهر ڪيدي ڪفر جي اونداهين ڏانهن آڻين ٿا. اهي ئي ماڻهو دوزخي آهن، اهي منجهس

هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٥٧﴾ ع اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْ حَآجَّ اِبْرٰهٖمَ فِيْ رَبِّهٖٓ ع ٣٤

سدائين رهڻ وارا آهن ﴿٢٥٧﴾ ڇا تو ان شخص کي نه ڏٺو (يعني نمرود کي)، جنهن ابراهيم (عليه السلام) سان سندس ربّ جي

وقف لازم

اَنْ اٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ ۘ اِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّيَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۙ

باري ۾ جهڳڙو ۽ تڪرار ڪيو، ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ ان کي بادشاهي ڏني هئي. جڏهن ابراهيم (عليه السلام)

قَالَ اَنَا اُحْيٖ وَاُمِيْتُ ؕ قَالَ اِبْرٰهٖمُ فَاِنَّ اللّٰهَ يَاْتِيْ بِالشَّمْسِ

چيو ته منهنجو ربّ اهو آهي، جيڪو جياري ٿو ۽ ماري ٿو. (نمرود) چيو ته آءٌ به جياريان ٿو ۽ ماريان ٿو. ابراهيم (عليه السلام)

مِنَ الْمَشْرِقِ فَاْتِ بِهَا مِنَ الْمَغْرِبِ فَبُهِتَ الَّذِيْ كَفَرَ ؕ

چيو ته پوءِ بيشڪ الله سج کي اوڀر کان اُڀاري ٿو، پوءِ تون ان کي اولهه کان اُڀار. پوءِ اهو ڪافر

وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۚ﴿۲۵۸﴾ اَوْ كَالَّذِيْ مَرَّ عَلٰى قَرْيَةٍ

هڪو ٻڪو رهجي ويو ۽ الله ظالم قوم کي هدايت نٿو ڪري ﴿۲۵۸﴾ يا انهيءَ شخص وانگر، جيڪو هڪ ڳوٺ وٽان لنگهيو

وَّهِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا ۚ قَالَ اَنّٰى يُحْيٖ هٰذِهِ اللّٰهُ بَعْدَ

(يعني عزير عليه السلام) ۽ اهو ڳوٺ پنهنجين ڇتين تي اونڌو (يعني ويران) هو. انهيءَ چيو ته هن جي مرڻ (يعني

مَوْتِهَا ۚ فَاَمَاتَهُ اللّٰهُ مِائَةَ عَامٍ ثُمَّ بَعَثَهٗ ؕ قَالَ كَمْ لَبِثْتَ ؕ

ويرانيءَ) کان پوءِ الله ان کي ڪيئن زنده ڪندو (۽ ڪيئن آباد ڪندو؟) پوءِ الله کيس سو سالن تائين موت جي حالت ۾

قَالَ لَبِثْتُ يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ ؕ قَالَ بَلْ لَّبِثْتَ مِائَةَ عَامٍ

رکيو. پوءِ کيس جيئرو ڪيائين. فرمايائين ته ڪيترو عرصو (ان حالت ۾) رهيو آهين؟ (عزير عليه السلام) چيو ته ڏينهن اڌ (ان

فَانْظُرْ اِلٰى طَعَامِكَ وَشَرَابِكَ لَمْ يَتَسَنَّهْ ۚ وَانْظُرْ اِلٰى حِمَارِكَ

حالت ۾) رهيو آهيان (الله) فرمايو ته بلڪ هڪ سؤ سال (ان حالت ۾) رهيو آهين. پوءِ پنهنجي کاڌي ۽ پنهنجي پيتي کي

وَلِنَجْعَلَكَ اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَانْظُرْ اِلَى الْعِظَامِ كَيْفَ نُنْشِزُهَا ثُمَّ

ڏس ته خراب نه ٿيو آهي ۽ پنهنجي گڏهه ڏانهن نهار، جيئن توکي ماڻهن لاءِ نشاني بڻايون ۽ (گڏهه) جي هڏين ڏانهن

نَكْسُوْهَا لَحْمًا ؕ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗ ۙ قَالَ اَعْلَمُ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى

نهار، انهن کي اسان ڪيئن پاڻ ۾ جوڙيون ٿا. پوءِ انهن (هڏين) تي گوشت چاڙهيون ٿا. پوءِ جڏهن مٿس اهو حال روشن

كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿٢٥٩﴾ وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اَرِنِیْ كَیْفَ تُحْیِ

ٿيو، چيائين ته ڄاڻان ٿو ته الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ﴿٢٥٩﴾ ۽ جڏهن ابراهيم (عليه السلام) چيو ته ربّ منهنجا! مون

الْمَوْتٰى ؕ قَالَ اَوَلَمْ تُؤْمِنْ ؕ قَالَ بَلٰى وَلٰكِنْ لِّیَطْمَىٕنَّ قَلْبِیْ ؕ

کي ڏيکار ته مئن کي ڪيئن جياريندين؟ الله تعاليٰ فرمايو ته ڇا ايمان نٿو رکين؟ چيائين ته هائو! ۽ پر جيئن منهنجي دل

قَالَ فَخُذْ اَرْبَعَةً مِّنَ الطَّیْرِ فَصُرْهُنَّ اِلَیْكَ ثُمَّ اجْعَلْ عَلٰى كُلِّ

کي (ڪامل) اطمينان نصيب ٿئي. الله فرمايو ته چار پکي وٺ، پوءِ انهن کي وڍي ڪُٽي، گوشت گڏ ڪري پاڻ

جَبَلٍ مِّنْهُنَّ جُزْءًا ثُمَّ ادْعُهُنَّ یَاْتِیْنَكَ سَعْیًا ؕ وَاعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ

وٽ رک. پوءِ هر جبل تي انهن جو هڪ حصو رک . پوءِ انهن کي سڏ ڪر ته تو ڏانهن ڊوڙندا ايندا ۽ ڄاڻ ته الله

٣٥ ع ٣ عَزِیْزٌ حَكِیْمٌ ﴿٢٦٠﴾ ع مَثَلُ الَّذِیْنَ یُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ

غالب، حڪمت وارو آهي ﴿٢٦٠﴾ مثال انهن ماڻهن جو، جيڪي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ پنهنجا مال خرچ ڪن ٿا،

كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِیْ كُلِّ سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ

هڪڙي داڻي جي مثال وانگر آهي، جيڪو ست سنگ ڦٽائي ۽ هر سنگ ۾ سو داڻا هجن ۽ الله جنهن کي

وَاللّٰهُ یُضٰعِفُ لِمَنْ یَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِیْمٌ ﴿٢٦١﴾ اَلَّذِیْنَ یُنْفِقُوْنَ

گهرندو آهي، تنهن کي وڌائي ڏيندو آهي ۽ الله ڪشادي (رحمت ۾) علم وارو آهي ﴿٢٦١﴾ جيڪي ماڻهو پنهنجا

اَمْوَالَهُمْ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا یُتْبِعُوْنَ مَاۤ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّلَاۤ اَذًى ۙ

مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪن ٿا، پوءِ جيڪي ڪجهه خرچ ڪري چڪا آهن، تنهن تي نه احسان جتائين ٿا ۽ نه تڪليف

لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٦٢﴾

ڏيندا آهن، انهن جو اجر انهن جي ربّ وٽ آهي. انهن تي نه ڪو خوف هوندو ۽ نڪي اهي غمگين ٿيندا ﴿٢٦٢﴾

قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّمَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ يَّتْبَعُهَآ اَذًى ؕ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ

مِٺو ڳالهائڻ ۽ (سواليءَ جي زباني ڪوتاهيءَ کي) معاف ڪرڻ، ان صدقي کان چڱو آهي، جنهن جي پويان دل آزاري هجي ۽

حَلِيْمٌ ﴿٢٦٣﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَ

الله غني (بي پرواه ۽) بردبار (يعني سزا ڏيڻ ۾ دير ڪندڙ) آهي ﴿٢٦٣﴾ اي مؤمنو! احسان جتائڻ ۽ ايذاءُ ڏيڻ سان پنهنجن صدقن کي

الْاَذٰى ۙ كَالَّذِيْ يُنْفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ

ان شخص وانگر باطل نه ڪريو، جيڪو ماڻهن جي ڏيکاءَ لاءِ پنهنجو مال خرچ ڪري ٿو ۽ الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نٿو رکي.

الْاٰخِرِ ؕ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ صَفْوَانٍ عَلَيْهِ تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ

پوءِ ان (منافق ۽ سندس خرچ ڪرڻ) جو مثال ان لسي پٿر وانگر آهي، جنهن تي مٽي هجي، ان تي وڏڦڙو مينهن پوي، پوءِ جو

صَلْدًا ؕ لَا يَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَيْءٍ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي

ڪجهه ان (پٿر) تي هجي، تنهن کي ڌوئي صاف ڪري ڇڏي. انهن جيڪا ڪمائي ڪئي، تنهن مان ڪنهن شيءِ تي قدرت نٿا رکن

الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٦٤﴾ وَمَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ

۽ الله ڪافر قوم کي سڌو رستو نٿو ڏيکاري ﴿٢٦٤﴾ مثال انهن ماڻهن جو، جيڪي پنهنجا مالَ الله جي رضامنديءَ ۽ (پنهنجن

اللّٰهِ وَتَثْبِيْتًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ كَمَثَلِ جَنَّةٍ ۭ بِرَبْوَةٍ اَصَابَهَا وَابِلٌ فَاٰتَتْ

عقيدن جي درستيءَ) لاءِ خرچ ڪن ٿا، هڪ باغ وانگر آهي، جيڪو ڪنهن دڙي تي هجي، جنهن تي وڏڦڙو مينهن پوي.

اُكُلَهَا ضِعْفَيْنِ ۚ فَاِنْ لَّمْ يُصِبْهَا وَابِلٌ فَطَلٌّ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

پوءِ اهو پنهنجي اُپت ٻيڻي ڏي. جيڪڏهن ان تي وڏڦڙو مينهن نه پوي ته هلڪو مينهن پوي ۽ جيڪي ڪجهه توهان ڪريو

بَصِيْرٌ ﴿٢٦٥﴾ اَيَوَدُّ اَحَدُكُمْ اَنْ تَكُوْنَ لَهٗ جَنَّةٌ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّ اَعْنَابٍ

تا، تنهن کي الله ڏسندڙ آهي ﴿٢٦٥﴾ ڇا توهان مان ڪو پسند ڪري ٿو ته وٽس کجين ۽ انگورن جو باغ هجي، جنهن جي (وڻن

تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ لَهٗ فِيْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ۙ وَاَصَابَهُ

جي) هيٺان واهيون وهنديون هجن. سندس لاءِ انهيءَ باغ ۾ هر قسم جا ميوا هجن ۽ کيس پوڙهائپ پهچي (۽ نور ڪان

الْكِبَرُ وَلَهٗ ذُرِّيَّةٌ ضُعَفَآءُ ۖ فَاَصَابَهَآ اِعْصَارٌ فِيْهِ نَارٌ فَاحْتَرَقَتْ ؕ

ويهجي وڃي) ۽ سندس اولاد ڪمزور هجي. پوءِ انهيءَ (باغ) کي واچوڙو لڳي، جنهن ۾ باھ هجي، پوءِ (اهو باغ) سڙي

كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢٦٦﴾ ع يٰاَيُّهَا ٣٦ع٢ ٤

وڃي. اهڙيءَ طرح الله توهان لاءِ پنهنجيون نشانيون روشن ڪري ٿو ته مَنَ توهان سوچ ويچار ڪريو ﴿٢٦٦﴾ اي ايمان وارو!

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا كَسَبْتُمْ وَمِمَّآ اَخْرَجْنَا

جيڪي پاڪ شيون توهان ڪمايون آهن ۽ جيڪي شيون اسان توهان لاءِ زمين مان اپايون آهن، تن مان خرچ

لَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ ۠ وَلَا تَيَمَّمُوا الْخَبِيْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَلَسْتُمْ

ڪريو ۽ (الله جي واٽ ۾) پليت مال خرچ ڪرڻ جو ارادو به نه ڪريو، حالانڪ توهان انهيءَ (پليت مال کي پنهنجي

بِاٰخِذِيْهِ اِلَّآ اَنْ تُغْمِضُوْا فِيْهِ ؕ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ

ڪنهن به حق جي بدلي ۾) اکيون ٻوٽڻ کان سواءِ وٺڻ وارا نه هوندا آهيو ۽ ڄاڻو ته الله تعاليٰ بي نياز (بادشاھ)،

حَمِيْدٌ ﴿٢٦٧﴾ اَلشَّيْطٰنُ يَعِدُكُمُ الْفَقْرَ وَيَاْمُرُكُمْ بِالْفَحْشَآءِ ۚ

ساراهيل آهي ﴿٢٦٧﴾ شيطان توهان کي مسڪينيءَ کان ڊيڄاري ٿو ۽ توهان کي بخيليءَ جو حڪم ڪري ٿو ۽ الله توهان

وَاللّٰهُ يَعِدُكُمْ مَّغْفِرَةً مِّنْهُ وَفَضْلًا ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ۖ ۙ ﴿٢٦٨﴾

سان پنهنجي طرفان بخشش ۽ فضل (يعني مال ۾ واڌاري) جو وعدو ڪري ٿو ۽ الله ڪشاده (بخشش وارو) علم وارو آهي ﴿٢٦٨﴾

يُّؤْتِى الْحِكْمَةَ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَمَنْ يُّؤْتَ الْحِكْمَةَ فَقَدْ اُوْتِىَ

جنهن کي گهري ٿو، ان کي حڪمت (يعني قرآن جو علم ۽ سمجهه) ڏئي ٿو ۽ جنهن کي (اها سمجهه ۽) حڪمت ڏني

خَيْرًا كَثِيْرًا ؕ وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿۲۶۹﴾ وَمَآ اَنْفَقْتُمْ

وئي، تنهن کي بيشڪ گهڻي ڀلائي ڏني وئي ۽ نصيحت ته رڳو سمجهه وارا ئي وٺن ٿا ﴿۲۶۹﴾ ۽ توهان (الله جي

مِّنْ نَّفَقَةٍ اَوْ نَذَرْتُمْ مِّنْ نَّذْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُهٗ ؕ وَمَا

واٽ ۾) جيڪا به شيءِ خرچ ڪريو ٿا يا جيڪا به نذر مڃو ٿا، بيشڪ الله ان کي ڄاڻي ٿو ۽ ظالمن (کي

لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿۲۷۰﴾ اِنْ تُبْدُوا الصَّدَقٰتِ فَنِعِمَّا هِىَ ۚ وَ

عذاب کان بچائڻ) لاءِ ڪو مددگار نه آهي ﴿۲۷۰﴾ جيڪڏهن توهان خير خيرات ظاهر ڪري ڏيندا، ته اها چڱي ڳالهه آهي

اِنْ تُخْفُوْهَا وَتُؤْتُوْهَا الْفُقَرَآءَ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ وَيُكَفِّرُ

۽ جيڪڏهن لڪائي ڏيندا ۽ مسڪينن کي ڏيندا ته اها ڳالهه به توهان لاءِ چڱي آهي ۽ الله توهان جا گناهه مٽائيندو

عَنْكُمْ مِّنْ سَيِّاٰتِكُمْ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۲۷۱﴾ لَيْسَ عَلَيْكَ

۽ جيڪي ڪجهه توهان ڪريو ٿا، الله ان جي خبر رکندڙ آهي ﴿۲۷۱﴾ (اي محمد ﷺ!) سندن هدايت تو تي نه

هُدٰىهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِىْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ

آهي، پر الله جنهن کي گهري ٿو، هدايت ڏئي ٿو ۽ جيڪو مال توهان خرچ ڪريو ٿا، پنهنجي لاءِ خرچ ڪريو ٿا ۽ توهان

فَلِاَنْفُسِكُمْ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْنَ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ اللّٰهِ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ

جو ڪجهه خرچ ڪريو ٿا، الله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ خرچ ڪريو ٿا ۽ توهان جيڪو مال خرچ ڪريو ٿا، تنهن جو توهان

خَيْرٍ يُّوَفَّ اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿۲۷۲﴾ لِلْفُقَرَآءِ الَّذِيْنَ اُحْصِرُوْا

کي پورو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ (ثواب ڏيڻ ۾) توهان تي ظلم نه ڪيو ويندو ﴿۲۷۲﴾ خير، خيرات انهن) مسڪينن ۽ محتاجن

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ضَرْبًا فِي الْاَرْضِ ز يَحْسَبُهُمُ

لاءِ آهن، جن کي الله جي واٽ ۾ روڪيو ويو آهي، اهي زمين ۾ سفر جي سگهه نٿا رکن. (سندن هيٺئي حالت کان) اڻ ڄاڻ

الْجَاهِلُ اَغْنِيَآءَ مِنَ التَّعَفُّفِ ج تَعْرِفُهُمْ بِسِيْمٰهُمْ ج لَا يَسْـَٔلُوْنَ

ماڻهو سندن بي نيازي (۽ ڳجهي حالت) سبب کين شاهوڪار ڀائين ٿا. کين سندن پيشانيءَ تي (سختيءَ جي اثر) سبب

النَّاسَ اِلْحَافًا ط وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿٢٧٣﴾ ع

سڃاڻندين. ماڻهن کان ليلائي سوال نٿا ڪن ۽ توهان جيڪو مال خرچ ڪريو ٿا، بيشڪ الله ان کي ڄاڻندڙ آهي ﴿٢٧٣﴾

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً فَلَهُمْ

جيڪي ماڻهو رات ۽ ڏينهن ۾ ڳجهه ۽ ظاهر ۾ پنهنجا مالَ خرچ ڪن ٿا، تن لاءِ سندن ربّ وٽ سندن

اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ج وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٤﴾ اَلَّذِيْنَ

اجر آهي ۽ مٿن نه ڪو خوف آهي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا ﴿٢٧٤﴾ جيڪي ماڻهو وياج کائين ٿا،

يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ

سي (قبرن مان) اٿي ڀيهي نه سگهندا، مگر جيئن اهو شخص ڀيهندو آهي، جنهن کي شيطان اثر ڪري، چريو

مِنَ الْمَسِّ ط ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْٓا اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا م وَاَحَلَّ

ڪري ڇڏي. ان جو سبب هي آهي ته اهي چون ٿا ته دراصل واپار به وياج وانگر آهي ۽ الله واپار کي حلال ۽ وياج کي

اللّٰهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا ط فَمَنْ جَآءَهٗ مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ فَانْتَهٰى فَلَهٗ

حرام ڪيو آهي. پوءِ جنهن وٽ سندس ربّ وٽان نصيحت اچي، پوءِ (وياج کان) باز اچي، تنهن تي (منع کان اڳ کاڌل

مَا سَلَفَ ط وَاَمْرُهٗٓ اِلَى اللّٰهِ ط وَمَنْ عَادَ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ج

وياج) معاف آهي ۽ سندس معاملو الله وٽ آهي ۽ جيڪو شخص (ان کي حلال ڄاڻي) وري وياج وٺندو ته اهي ئي

هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٧٥﴾ يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَيُرْبِي الصَّدَقٰتِ ۗ وَاللّٰهُ

ماڻهو دوزخي آهن، منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ﴿٢٧٥﴾ الله وياج (جي مال) کي گهٽائي ٿو (۽ منجهس بي برڪتي وجهي ٿو) ۽ زڪوٰة (جي مال ۽ ان جي ثواب) کي وڌائي ٿو (۽ منجهس برڪت وجهي ٿو) ۽ الله (وياج جو حرام ڪائيندڙ)

لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ اَثِيْمٍ ﴿٢٧٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَقَامُوا

ڪنهن بہ ڪافر، گنهگار کي پسند نہ ڪندو آهي ﴿٢٧٦﴾ بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ نماز قائم

الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ

ڪيائون ۽ زڪوٰة ڏنائون، انهن جي لاءِ پنهنجي ربّ وٽ اجر آهي ۽ انهن تي نہ ڪو خوف آهي ۽ نڪي

وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٧﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَذَرُوْا مَا بَقِيَ

اهي غمگين ٿيندا ﴿٢٧٧﴾ اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ جيڪي وياج باقي بچيو آهي، تنهن کي ڇڏي ڏيو، جيڪڏهن

مِنَ الرِّبٰوۤا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧٨﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ

توهين ايمان وارا آهيو ﴿٢٧٨﴾ پوءِ جيڪڏهن (وياج) نتا ڇڏيو تہ پوءِ الله ۽ سندس رسول (ﷺ) سان جنگ

مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۚ وَاِنْ تُبْتُمْ فَلَكُمْ رُءُوْسُ اَمْوَالِكُمْ ۚ لَا

جوڻ لاءِ تيار رهو ۽ جيڪڏهن توبہ ڪندا تہ توهان لاءِ گهٽ وڌائي ڪان سواءِ توهان جي مالن جي اصل موڙي

تَظْلِمُوْنَ وَلَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٩﴾ وَاِنْ كَانَ ذُوْ عُسْرَةٍ فَنَظِرَةٌ اِلٰى مَيْسَرَةٍ ۗ وَ

آهي. (نقصان ڏئي ٻئي تي) نہ توهان ظلم ڪريو ۽ نہ توهان تي ظلم ڪيو وڃي ﴿٢٧٩﴾ ۽ جيڪڏهن (قرضي شخص) تنگدست آهي تہ آساني ٿيڻ تائين (ڪيس) مهلت ڏيڻ (توهان تي لازم آهي) ۽ جيڪڏهن (تنگ دست قرضيءَ تي اصل موڙي بہ) صدقو ڪري

اَنْ تَصَدَّقُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨٠﴾ وَاتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ

ڇڏيو تہ اها ڳالهہ توهان لاءِ چڱي آهي، جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا ﴿٢٨٠﴾ ۽ ان ڏينهن (جي عذاب) کان بچو، جنهن ۾ توهان

ع ٣٨ ٨ ٢ فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ۗ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٨١﴾ ع

کي الله ڏانهن موٽايو ويندو، پوءِ هر نفس کي سندس ڪمائيءَ جو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ مٿن ظلم نہ ڪيو ويندو ﴿٢٨١﴾

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا تَدَايَنْتُمْ بِدَيْنٍ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى فَاكْتُبُوْهُ ؕ

اي ايمان وارو! جڏهن مقرر مدت تائين هڪ ٻئي کي قرض ڏيو تہ ان کي لکندا ڪريو ۽ گهرجي تہ توهان ۾ لکندڙ

وَلْيَكْتُبْ بَّيْنَكُمْ كَاتِبٌۢ بِالْعَدْلِ ۠ وَلَا يَاْبَ كَاتِبٌ اَنْ يَّكْتُبَ

انصاف سان لکي ۽ گهرجي تہ لکندڙ، لکڻ کان انڪار نہ ڪري. ڪيس لکڻ گهرجي، جيئن ڪيس الله تعاليٰ لکڻ

كَمَا عَلَّمَهُ اللّٰهُ فَلْيَكْتُبْ ۚ وَلْيُمْلِلِ الَّذِيْ عَلَيْهِ الْحَقُّ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ

سيکاريو آهي، پوءِ ڪيس لکڻ گهرجي ۽ گهرجي تہ جنهن تي حق آهي، سو لکرائي ۽ گهرجي تہ پنهنجي ربّ

رَبَّهٗ وَلَا يَبْخَسْ مِنْهُ شَيْئًا ؕ فَاِنْ كَانَ الَّذِيْ عَلَيْهِ الْحَقُّ

کان ڊڄي ۽ انهيءَ (حقّ) مان ڪا شيءِ نہ گهٽائي. پوءِ جنهن تي حق آهي، جيڪڏهن اهو بي عقل يا ضعيف

سَفِيْهًا اَوْ ضَعِيْفًا اَوْ لَا يَسْتَطِيْعُ اَنْ يُّمِلَّ هُوَ فَلْيُمْلِلْ وَلِيُّهٗ

آهي يا لکرائي نٿو سگهي تہ گهرجي تہ سندس وارث انصاف سان لکرائي ۽ پنهنجن مردن مان ٻن ڄڻن کي

بِالْعَدْلِ ؕ وَاسْتَشْهِدُوْا شَهِيْدَيْنِ مِنْ رِّجَالِكُمْ ۚ فَاِنْ لَّمْ يَكُوْنَا

شاهد ڪريو. پوءِ جيڪڏهن (شاهد) ٻہ مرد نہ هجن تہ هڪ مرد ۽ ٻہ عورتون (شاهدي ڏين، يعني) انهن شاهدن مان

رَجُلَيْنِ فَرَجُلٌ وَّامْرَاَتٰنِ مِمَّنْ تَرْضَوْنَ مِنَ الشُّهَدَآءِ اَنْ تَضِلَّ

جن کان توهان راضي هجو، جو جيڪڏهن انهن ٻنهي عورتن مان هڪڙيءَ کان ويسر ٿئي تہ انهن مان ٻي عورت ان کي

اِحْدٰىهُمَا فَتُذَكِّرَ اِحْدٰىهُمَا الْاُخْرٰى ؕ وَلَا يَاْبَ الشُّهَدَآءُ اِذَا مَا

ياد ڏياري ۽ جڏهن شاهدن کي سڏيو وڃي تہ (شاهد ٿيڻ يا شاهدي ڏيڻ کان) انڪار نہ ڪن ۽ پنهنجي مقرر مدت

دُعُوْا ؕ وَلَا تَسْئَمُوْٓا اَنْ تَكْتُبُوْهُ صَغِيْرًا اَوْ كَبِيْرًا اِلٰٓى اَجَلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ

تائين انهيءَ (حق) کي لکڻ ۾ سستي نہ ڪريو. چاهي (اهو حق) ننڍو هجي يا وڏو. توهان جو اهو لکڻ الله وٽ

اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ وَاَقْوَمُ لِلشَّهَادَةِ وَاَدْنٰۤى اَلَّا تَرْتَابُوْۤا اِلَّاۤ اَنْ تَكُوْنَ

وڌيڪ انصاف جو ڳو ۽ شاهدي ڏيڻ لاءِ وڌيڪ مضبوط ۽ هن ڳالهه کي وڌيڪ ويجهو آهي ته شڪ ۾ نه پئو، مگر هجي ته واپار

تِجَارَةً حَاضِرَةً تُدِيْرُوْنَهَا بَيْنَكُمْ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَلَّا

(هٿئون هٿ ۽) حاضر هجي، جيڪو توهان هڪ ٻئي سان ڪندا آهيو، پوءِ انهيءَ ۾ توهان تي گناه نه آهي ته ان کي نه

تَكْتُبُوْهَا ۭ وَاَشْهِدُوْۤا اِذَا تَبَايَعْتُمْ ۠ وَلَا يُضَاۤرَّ كَاتِبٌ وَّلَا شَهِيْدٌ ۭ

لکو ۽ جڏهن توهان هڪ ٻئي سان ڏيتي ليتي ڪريو ته شاهد مقرر ڪريو ۽ ڪاتب ۽ شاهد کي تڪليف نه ڏني

وَاِنْ تَفْعَلُوْا فَاِنَّهٗ فُسُوْقٌۢ بِكُمْ ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ وَيُعَلِّمُكُمُ اللّٰهُ ۭ

وڃي ۽ جيڪڏهن توهان ائين ڪندا ته پوءِ اها توهان جي نافرماني ٿيندي ۽ الله کان ڊڄو ۽ الله توهان کي

وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٢﴾ وَاِنْ كُنْتُمْ عَلٰى سَفَرٍ وَّلَمْ تَجِدُوْا كَاتِبًا

سيکاري ٿو ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ﴿٢٨٢﴾ ۽ جيڪڏهن مسافريءَ ۾ هجو ۽ لکندڙ نه لهو ته پوءِ گرويءَ جي

فَرِهٰنٌ مَّقْبُوْضَةٌ ۭ فَاِنْ اَمِنَ بَعْضُكُمْ بَعْضًا فَلْيُؤَدِّ الَّذِى

ڪا شيءِ قبضي ۾ ڏيو . پوءِ جيڪڏهن توهان مان هڪڙا، ٻين کي امين ڪن ته گهرجي ته جنهن وٽ امانت رکي

اؤْتُمِنَ اَمَانَتَهٗ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ ۭ وَلَا تَكْتُمُوا الشَّهَادَةَ ۭ وَمَنْ

وئي آهي، سو امانت ادا ڪري ۽ گهرجي ته پنهنجي ربّ الله کان ڊڄي ۽ گواهي نه لڪايو ۽ جيڪو گواهيءَ کي

٣٩ ع ٧ يَّكْتُمْهَا فَاِنَّهٗۤ اٰثِمٌ قَلْبُهٗ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٣﴾ ع لِلّٰهِ مَا

لڪائيندو ته پوءِ بيشڪ سندس دل گنهگار آهي ۽ جيڪي ڪجهه توهان ڪريو ٿا، الله ان کي ڄاڻي ٿو ﴿٢٨٣﴾ جيڪي

فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ۭ وَاِنْ تُبْدُوْا مَا فِىْۤ اَنْفُسِكُمْ اَوْ

ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪجهه زمين ۾ آهي، سڀ الله جو آهي ۽ توهان جي دلين ۾ جيڪي ڪجهه آهي،

تُخْفُوْهُ يُحَاسِبْكُمْ بِهِ اللّٰهُ ؕ فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يُعَذِّبُ

تنهن کي ظاهر ڪريو يا ان کي لڪايو، الله تعاليٰ توهان کان ان جو حساب وٺندو، پوءِ جنهن کي گهرندو بخشيندو ۽

مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٨٤﴾ اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَآ

جنهن کي گهرندو، تنهن کي عذاب ڪندو ۽ الله هر شيءِ تي وس وارو آهي ﴿٢٨٤﴾ پيغمبر (ﷺ) ڏانهن جيڪي ڪجهه

اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ؕ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ

سندس ربّ جي طرفان لاٿو ويو، تنهن تي انهيءَ ايمان آندو ۽ مؤمنن به ايمان آندو. (رسول پاڪ ﷺ ۽ مؤمنن مان) هر

وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ ۫ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ ۫ وَقَالُوْا

هڪ الله ۽ سندس فرشتن ۽ سندس ڪتابن ۽ سندس رسولن تي ايمان آندو. (سڀ) چون ٿا ته اسين سندس رسولن

سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا ۫ غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ﴿٢٨٥﴾ لَا يُكَلِّفُ

مان ڪنهن هڪ (جي به اصل پيغمبريءَ) ۾ فرق نٿا ڪريون ۽ چون ٿا ته تنهنجي ڳالهه ٻڌي سون ۽ تنهنجي حڪم جي تابعداري
ڪئي سون. ربّ اسان جا! تو کان بخشش گهرون ٿا ۽ تو ڏانهن ئي موٽڻو آهي﴿٢٨٥﴾ الله ڪنهن شخص کي سندس سگهه کان وڌيڪ

اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ ؕ

تڪليف نٿو ڏئي. (هر شخص) لاءِ اهو (ثواب) آهي، جو (فرمانبرداري ڪري) انهيءَ ڪمايو ۽ مٿس اهو (بار ۽ وبال) آهي، جو

رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَآ اِنْ نَّسِيْنَآ اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تَحْمِلْ عَلَيْنَآ

(نافرماني ڪري) انهيءَ ڪمايو. (چئو ته) ربّ اسان جا! جيڪڏهن اسان کان ويسر يا خطا ٿئي ته اسان کي نه پڪڙ. ربّ اسان جا!

اِصْرًا كَمَا حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا

۽ اسان تي (شريعت جو سخت) بار نه وجهه، جيئن تو انهن ماڻهن تي بار وڌو، جيڪي اسان کان اڳ هئا. ربّ اسان جا! ۽ اسان تي

مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ وَاعْفُ عَنَّا ۥ وَقفة وَاغْفِرْ لَنَا ۥ وَقفة وَارْحَمْنَا ۥ وَقفة اَنْتَ

اهو بار نه رک جنهن جي (کڻڻ جي) اسان کي طاقت نه آهي ۽ اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان جي مغفرت فرماءِ ۽ اسان تي رحم

مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٨٦﴾ ع

فرماءِ تون ئي اسان جو سائين ۽ (مددگار) آهين، پوءِ اسان کي ڪافرن جي قوم تي مدد عطا فرماءِ ﴿٢٨٦﴾

اٰيَاتُهَا ٢٠٠ (٣) سُوْرَةُ اٰلِ عِمْرٰنَ مَدَنِيَّةٌ (٨٩) رُكُوْعَاتُهَا ٢٠

سورة آل عمران مدني آهي. منجهس ٻه سو آيتون ۽ ويهه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

الٓمّٓ ﴿١﴾ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۙ الْحَیُّ الْقَیُّوْمُ ﴿٢﴾ نَزَّلَ عَلَیْكَ

(الٓمّٓ) آءٌ الله ئي عبادت جو لائق آهيان، جو ڄاڻان ٿو ﴿١﴾ الله کان سواءِ ڪو معبود نه آهي. اهو ئي زنده قائم رهندڙ آهي﴿٢﴾ تو

الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَیْنَ یَدَیْهِ وَاَنْزَلَ التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِیْلَ ﴿٣﴾

تي قرآن کي حق سان لاٿائين، ان کان اڳ جيڪي ڪتاب هئا، تن جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ توريت ۽ انجيل کي لاٿائين ﴿٣﴾

مِنْ قَبْلُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَاَنْزَلَ الْفُرْقَانَ ؕ اِنَّ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا

قرآن کان اڳ (اهي سڀ ڪتاب) ماڻهن لاءِ هدايت هئا ۽ لاٿائين حق ۽ باطل ۾ فرق ڪندڙ (ڪتاب). بيشڪ جيڪي ماڻهو

بِاٰیٰتِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِیْدٌ ؕ وَاللّٰهُ عَزِیْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ﴿٤﴾ اِنَّ

الله جي آيتن جا ڪافر ٿيا، تن لاءِ سخت عذاب آهي ۽ الله غالب، بدلو وٺڻ وارو آهي ﴿٤﴾ بيشڪ الله کان ڪا ٻه

اللّٰهَ لَا یَخْفٰى عَلَیْهِ شَیْءٌ فِی الْاَرْضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ ﴿٥﴾ هُوَ الَّذِیْ

شيءِ نه زمين ۾ ڳجهي رهي ٿي ۽ نه آسمان ۾ (ڳجهي رهي ٿي.) ﴿٥﴾ اهو ئي آهي، جيڪو (مائرن جي) رحمن ۾

یُصَوِّرُكُمْ فِی الْاَرْحَامِ كَیْفَ یَشَآءُ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْعَزِیْزُ الْحَكِیْمُ ﴿٦﴾

جيئن گهري ٿو، توهان جون صورتون جوڙي ٿو. ان کان سواءِ ڪو معبود نه آهي، غالب حڪمت وارو آهي ﴿٦﴾

هُوَ الَّذِیْۤ اَنْزَلَ عَلَیْكَ الْكِتٰبَ مِنْهُ اٰیٰتٌ مُّحْكَمٰتٌ هُنَّ اُمُّ

اھو الله ئي آھي، جنھن توتي ڪتاب (قرآن) لاٿو، جنھن جون ڪجھ آيتون محڪم آھن، جيڪي ڪتاب جو اصل آھن ۽

الْكِتٰبِ وَ اُخَرُ مُتَشٰبِهٰتٌ ؕ فَاَمَّا الَّذِیْنَ فِیْ قُلُوْبِهِمْ زَیْغٌ فَیَتَّبِعُوْنَ

ڪجھ ٻيون (آيتون) متشابه آھن. پوءِ جن جي دلين ۾ شڪ آھي، سي انھن (آيتن) جي پيروي ڪن ٿا جيڪي متشابه

مَا تَشَابَهَ مِنْهُ ابْتِغَآءَ الْفِتْنَةِ وَ ابْتِغَآءَ تَاْوِیْلِهٖ ۚ وَ مَا یَعْلَمُ تَاْوِیْلَهٗۤ

آھن، جن سان (پنھنجي فڪر مطابق) فتنو برپا ڪن ٿا ۽ تاويل طلب ڪن ٿا ۽ ان جي تاويل الله کان سواءِ ڪو نٿو ڄاڻي ۽

اِلَّا اللّٰهُ ؔۘ وَ الرّٰسِخُوْنَ فِی الْعِلْمِ یَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا بِهٖ ۙ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ

جيڪي ماڻھو علم ۾ پڪا پختا آھن، سي چون ٿا ته اسان انھن (سڀني محڪم ۽ متشابه آيتن) تي ايمان آندو. سڀ اسان

رَبِّنَا ۚ وَ مَا یَذَّكَّرُ اِلَّاۤ اُولُوا الْاَلْبَابِ ۷ رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ

جي رب جي طرفان آھي ۽ نصيحت تہ رڳو سمجھ وارا وٺن ٿا ⑦ (چون ٿا تہ) ربّ اسان جا! اسان کي ھدايت ڏيڻ کان پوءِ اسان

هَدَیْتَنَا وَ هَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ۸ رَبَّنَاۤ

جي دلين کي ڏنگو نہ ڪر ۽ اسان کي پاڻ وٽان رحمت بخش، بيشڪ تون ئي عطا ڪندڙ آھين (گھڻو عطا ڪندڙ) ⑧ ربّ

اِنَّكَ جَامِعُ النَّاسِ لِیَوْمٍ لَّا رَیْبَ فِیْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یُخْلِفُ

اسان جا! بيشڪ تون ماڻھن کي گڏ ڪندڙ آھين، ان ڏينھن ۾ جنھن ۾ ڪو شڪ نہ آھي، بيشڪ الله وعدي جي

الْمِیْعَادَ ۹ؑ اِنَّ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا لَنْ تُغْنِیَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَ لَاۤ

خلاف نہ ڪندو آھي ⑨ بيشڪ جيڪي ماڻھو ڪافر ٿيا، تن کي سندن مالَ ۽ سندن اولاد الله (جي عذاب) کان

اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَیْـًٔا ؕ وَ اُولٰٓىِٕكَ هُمْ وَقُوْدُ النَّارِ ۙ ۱۰ كَدَاْبِ اٰلِ

ھرگز ڪجھ بہ بچائي نہ سگھندا ۽ اھي دوزخ جي باھ جو ٻَلُ آھن ⑩ سندن عادت فرعوني قوم ۽ انھن ماڻھن

فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ

جي عادت وانگر آهي جيڪي انهن کان اڳ هئا. انهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو، پوءِ الله ڪين سندن گناهن سبب

بِذُنُوْبِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۱۱﴾ قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَتُغْلَبُوْنَ

پڪڙيو ۽ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي ﴿۱۱﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) جيڪي ماڻهو ڪافر ٿيا تن کي فرماءِ ته سگهوئي توهان مغلوب ٿيندا

وَتُحْشَرُوْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ ؕ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۱۲﴾ قَدْ كَانَ لَكُمْ اٰيَةٌ

۽ توهان کي دوزخ ڏانهن گڏ ڪيو ويندو ۽ دوزخ ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ﴿۱۲﴾ بيشڪ توهان لاءِ ٻن ٽولين ۾ هڪڙي نشاني آهي

فِىْ فِئَتَيْنِ الْتَقَتَا ؕ فِئَةٌ تُقَاتِلُ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاُخْرٰى

(جيڪي جنگِ بدر ۾) هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ آيا. هڪڙي ٽولي الله جي واٽ ۾ وڙهي ٿي ۽ ٻي ڪافرن جي آهي. (ڪافر

كَافِرَةٌ يَّرَوْنَهُمْ مِّثْلَيْهِمْ رَاْىَ الْعَيْنِ ؕ وَاللّٰهُ يُؤَيِّدُ بِنَصْرِهٖ

مؤمنن کي) اکين سان ٻيڻو ڏسي رهيا هئا (حالانڪ اهي ٿيٽا هئا) ۽ الله جنهن کي گهري ٿو، تنهن کي پنهنجي مدد سان

مَنْ يَّشَآءُ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّاُولِى الْاَبْصَارِ ﴿۱۳﴾ زُيِّنَ

طاقت بخشي ٿو (۽ غالب ڪري ٿو.) بيشڪ ان ۾ اکين وارن (يعني عقلمندن) لاءِ يقيناً عبرت آهي ﴿۱۳﴾ سينگاري وئي

لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوٰتِ مِنَ النِّسَآءِ وَالْبَنِيْنَ وَالْقَنَاطِيْرِ

آهي ماڻهن جي لاءِ محبت عورتن جي شهوتن جي ۽ پٽن جي ۽ سون چانديءَ جي گڏ ڪيل خزانن جي

الْمُقَنْطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَ

۽ نشان ڪيل گهوڙن جي ۽ جانورن (يعني اٺن، ڏاندن، ڳئن، ٻڪرين وغيره) جي ۽ پوک جي . اهو (سڀ

الْاَنْعَامِ وَالْحَرْثِ ؕ ذٰلِكَ مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ

ڪجهه هن) دنيا جي زندگيءَ جو (معمولي ۽ ٿورو) سامان آهي ۽ الله تعاليٰ وٽ موٽڻ جي ڏاڍي سهڻي

حُسْنُ الْمَاٰبِ ﴿١٤﴾ قُلْ اَؤُنَبِّئُكُمْ بِخَيْرٍ مِّنْ ذٰلِكُمْ ؕ لِلَّذِيْنَ

جاءِ آهي ﴿١٤﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ ڇا توهان کي ان کان چڱي شيءِ جي خبر ڏيان؟ جن پاڻ کي (شرڪ کان)

اتَّقَوْا عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ

بچايو، تن لاءِ سندن ربّ وٽ باغ آهن. جن جي (وڻن ۽ محلات جي) هيٺان نهرون وهن ٿيون. منجهن سدائين رهندڙ

فِيْهَا وَاَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ وَّرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ

آهن انهن لاءِ هرطرح جي گندگي ۽ عيب کان) پاڪ زالون آهن ۽ (سندن لاءِ) الله جو راضپو آهي ۽ الله ٻانهن کي

بِالْعِبَادِ ﴿١٥﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اِنَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا

ڏسندڙ آهي ﴿١٥﴾ (اهي متقي ٻانها) جيڪي چون ٿا تہ ربّ اسان جا! بيشڪ اسان ايمان آندو، پوءِ اسان جي گناهن کي بخش ۽

وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿١٦﴾ ۚ اَلصّٰبِرِيْنَ وَالصّٰدِقِيْنَ وَالْقٰنِتِيْنَ وَالْمُنْفِقِيْنَ

اسان کي باهہ جي عذاب کان بچاءِ ﴿١٦﴾ (الله سندن ساراهہ فرمائي ٿو تہ اهي متقي ٻانها) صبر ڪندڙ ۽ سچ ڳالهائيندڙ ۽

وَالْمُسْتَغْفِرِيْنَ بِالْاَسْحَارِ ﴿١٧﴾ شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۙ وَ

فرمانبرداري ڪندڙ ۽ مال خرچ ڪندڙ ۽ اسر جو اٿي گناهن جي بخشش گهرندڙ آهن ﴿١٧﴾ الله شاهدي ڏني (۽ بيان فرمايو تہ
سندس شان هيءُ آهي) تہ ان کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي ۽ (الله جي توحيد جي گواهي ڏني) فرشتن ۽ علم وارن بہ انصاف

الْمَلٰٓئِكَةُ وَاُولُوا الْعِلْمِ قَآئِمًا بِالْقِسْطِ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْعَزِيْزُ

تي قائم رهندي. (اهي سڀ گواهي ڏين ٿا تہ) الله کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي اهو ئي غالب، حڪمت وارو

الْحَكِيْمُ ﴿١٨﴾ ؕ اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ ۫ وَمَا اخْتَلَفَ الَّذِيْنَ

آهي ﴿١٨﴾ بيشڪ اسلام ئي الله جو (پيارو) دين آهي ۽ جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي، انهن (حضرت محمد ﷺ جي نبوت ۾)

اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ؕ وَمَنْ

اختلاف نہ ڪيو، پر هن کان پوءِ جو وٽن علم (يعني محمد ﷺ جن) آيا، هڪ ٻئي سان حسد ڪندي ۽ جيڪو الله جي

يَّكْفُرْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿١٩﴾ فَاِنْ حَآجُّوْكَ

آيتن جو ڪافر ٿيندو تہ پوءِ بيشڪ الله جلد حساب وٺڻ وارو آهي ﴿١٩﴾ پوءِ (اي مُحَمَّد ﷺ!) جيڪڏهن توسان جهڳڙو

فَقُلْ اَسْلَمْتُ وَجْهِيَ لِلّٰهِ وَمَنِ اتَّبَعَنِ ؕ وَقُلْ لِّلَّذِيْنَ اُوْتُوا

(۽ حجت بازي) ڪن تہ پوءِ فرماءِ تہ مون ۽ جن منهنجي پيروي ڪئي، تن پنهنجي منهن (يعني پنهنجي دين) کي الله

الْكِتٰبَ وَ الْاُمِّيّٖنَ ءَاَسْلَمْتُمْ ؕ فَاِنْ اَسْلَمُوْا فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَاِنْ

لاءِ خالص ڪيو ۽ جن ماڻهن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي ۽ اڻ پڙهيلن (يعني عربن) کي فرماءِ تہ ڇا توهان فرمانبرداري

تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٢٠﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ

ڪئي؟ پوءِ جيڪڏهن اهي فرمانبرداري ڪن تہ پوءِ بيشڪ انهن هدايت واري واٽ ورتي ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي منهن قيرائين تہ پوءِ
دراصل تو تي (رڳو الله پاڪ جو) پيغام پهچائڻ آهي ۽ الله ٻانهن (جي حال) کي ڏسندڙ آهي ﴿٢٠﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو

يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ حَقٍّ ۙ وَّيَقْتُلُوْنَ

الله جي آيتن (۽ سندس نشانين) جا ڪافر ٿين ٿا ۽ نبين (سڳورن) کي ناحق قتل ڪن ٿا ۽ ماڻهن مان

الَّذِيْنَ يَاْمُرُوْنَ بِالْقِسْطِ مِنَ النَّاسِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ

جيڪي عدل ۽ انصاف جو حڪم ڪن ٿا، انهن کي قتل ڪن ٿا، تہ پوءِ انهن کي هڪ ڏکوئيندڙ عذاب جي

اَلِيْمٍ ﴿٢١﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ز

خوشخبري ڏي ﴿٢١﴾ اهي ئي ماڻهو آهن جن جا عمل دنيا ۽ آخرت (ٻنهي جهانن) ۾ چٽ ٿي ويا ۽ سندن

وَ مَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٢٢﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا

لاءِ ڪو بہ مددگار نہ آهي ﴿٢٢﴾ ڇا تو انهن (يهودين) کي نہ ڏٺو، جن کي ڪتاب مان ڪجهہ ڀاڱو ڏنو ويو آهي. ڪين الله

مِّنَ الْكِتٰبِ يُدْعَوْنَ اِلٰى كِتٰبِ اللّٰهِ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ يَتَوَلّٰى

جي ڪتاب ڏانهن سڏيو وڃي ٿو تہ جيئن سندن وچ ۾ فيصلو ڪري، پوءِ انهن مان هڪڙي ٽولي پنهنجي منهن قيرائي

ع ١٠

فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ وَهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٣﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا

ٽيءَ اهي منهن موڙيندڙ آهن ﴿٢٣﴾ (سندن اهو منهن موڙڻ) هن ڪري آهي، جو اهي چون ٿا ته اسان تي باهه

النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ۠ وَّغَرَّهُمْ فِيْ دِيْنِهِمْ مَّا كَانُوْا

(جو عذاب) رڳو ڪجهه ڳڻيل ڏينهن ٿيندو ۽ سندن دين ۾ انهن جي بهتان بازين انهن کي دوکي ۾ وجهي

يَفْتَرُوْنَ ﴿٢٤﴾ فَكَيْفَ اِذَا جَمَعْنٰهُمْ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ۫ وَوُفِّيَتْ

ڇڏيو آهي ﴿٢٤﴾ پوءِ انهيءَ ڏينهن سندن ڪهڙو حال ٿيندو، جڏهن کين (بدلو ڏيڻ لاءِ) گڏ ڪنداسون، جنهن ۾ ڪو

كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٥﴾ قُلِ اللّٰهُمَّ مٰلِكَ

شڪ نه آهي ۽ هر جيءَ کي سندس ڪمائيءَ جو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ مٿن ظلم نه ڪيو ويندو ﴿٢٥﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ

الْمُلْكِ تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَآءُ وَتَنْزِعُ الْمُلْكَ مِمَّنْ تَشَآءُ ۡ

ته يا الله! بادشاهن جا بادشاهه! جنهن کي گهرين تو بادشاهي ڏئين تو ۽ جنهن کان گهرين تو بادشاهي کسين تو ۽

وَتُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ ۭ بِيَدِكَ الْخَيْرُ ۭ اِنَّكَ

جنهن کي گهرين تو، عزت ڏئين تو ۽ جنهن کي گهرين تو، ذلت ڏئين تو. ڀلائي تنهنجي هٿ ۾ آهي. بيشڪ تون هر

عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٦﴾ تُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَ تُوْلِجُ النَّهَارَ فِي

شيءِ تي قدرت رکندڙ آهين ﴿٢٦﴾ رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪرين تو ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪرين تو ۽ زنده (يعني

الَّيْلِ ۡ وَتُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَتُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ ۡ وَتَرْزُقُ

ساهواري شيءِ) کي بي جان (نطفي) مان ڪڍين تو ۽ بي جان (نطفي) کي زنده (يعني ساهواري شيءِ) مان ڪڍين تو

مَنْ تَشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٢٧﴾ لَا يَتَّخِذِ الْمُؤْمِنُوْنَ الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ

۽ جنهن کي گهرين تو، تنهن کي بي حساب روزي ڏئين تو ﴿٢٧﴾ مؤمنن کي ڪافرن (يا غير مسلمن) سان دوستي رکڻ نه

مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَلَيْسَ مِنَ اللّٰهِ فِيْ

گهرجي ۽ جيڪو شخص ائين ڪندو ته پوءِ اهو الله (جي دين مان) ڪنهن شيءِ تي نه آهي، سواءِ ان جي، جو توهان

شَيْءٍ اِلَّآ اَنْ تَتَّقُوْا مِنْهُمْ تُقٰىةً ۭ وَيُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ۭ وَاِلَى

(مغلوب هجو ۽) انهن کان ڊڄو (اهو ظاهري لحاظ سان) ڊڄڻ آهي ۽ الله تعاليٰ توهان کي پاڻ کان ڊيڄاري ٿو ۽ الله ڏانهن

اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ۝٢٨ قُلْ اِنْ تُخْفُوْا مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ اَوْ تُبْدُوْهُ يَعْلَمْهُ

ئي (سيني کي) موٽڻو آهي ۝٢٨ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته جيڪي ڪجهه توهان جي سينن ۾ آهي، سو لڪايو يا ظاهر

اللّٰهُ ۭ وَيَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ

ڪريو، الله ان کي ڄاڻي ٿو ۽ (پڻ) ڄاڻي ٿو جيڪي ڪجهه آسمانن ۾ ۽ جيڪي ڪجهه زمين ۾ آهي ۽ الله هر شيءِ تي

معانقة ٢ عند المتأخرين قَدِيْرٌ ۝٢٩ يَوْمَ تَجِدُ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ مِنْ خَيْرٍ مُّحْضَرًا ۖۚ وَّمَا

قدرت وارو آهي ۝٢٩ (الله توهان کي ان ڏينهن جي عذاب کان ڊيڄاري ٿو جنهن) ڏينهن هر جيءُ پنهنجي ڪيل نيڪي

عَمِلَتْ مِنْ سُوْۗءٍ ۚ تَوَدُّ لَوْ اَنَّ بَيْنَهَا وَبَيْنَهٗٓ اَمَدًۢا بَعِيْدًا ۭ وَ

۽ ڪيل برائيءَ کي حاضر لهندو. چاهيندو ته جيڪر ان جي ۽ سندس (برائيءَ جي) وچ ۾ وڏو مفاصلو هجي ها

الثلث يُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ۭ وَاللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ۝٣٠ۧ قُلْ اِنْ كُنْتُمْ

۽ الله توهان کي پنهنجي عذاب کان ڊيڄاري ٿو ۽ الله ٻانهن تي مهربان آهي ۝٣٠ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته

تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ۭ

جيڪڏهن توهان الله سان محبت رکو ٿا ته پوءِ منهنجي پيروي ڪريو، الله توهان سان محبت رکندو ۽ توهان جا گناهه

وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٣١ قُلْ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّوْا

بخشيندو ۽ الله بخشڻهار رحم ڪندڙ آهي ۝٣١ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته پيروي ڪريو الله جي ۽ (پيروي ڪريو) رسول (الله

فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٢﴾ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰٓى اٰدَمَ وَ نُوْحًا وَّ

ﷺ جن جي) پوءِ جيڪڏهن (اهي الله ۽ رسول جي فرمان کان) ڦري ويندا ته پوءِ بيشڪ الله ڪافرن کي پسند نه

اٰلَ اِبْرٰهِيْمَ وَاٰلَ عِمْرٰنَ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٣﴾ لا ذُرِّيَّةًۢ بَعْضُهَا مِنْۢ

ڪندو آهي ﴿٣٢﴾ بيشڪ الله چونڊيو آدم ۽ نوح ۽ ابراهيم جي اولاد (يعني اسماعيل ، اسحاق ، يعقوب ۽ اسباط) کي ۽ عمران
جي اولاد (يعني موسيٰ ۽ هارون عليهم السلام اجمعين) کي جهانن وارن تي (سندن زماني ۾) ﴿٣٣﴾ اهي هڪ ٻئي جو

بَعْضٍ ط وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٣٤﴾ ج اِذْ قَالَتِ امْرَاَتُ عِمْرٰنَ

اولاد آهن ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي ﴿٣٤﴾ جڏهن عمران جي زال (حَنّه) چيو ته اي منهنجا ربّ! منهنجي پيٽ ۾ جيڪو

رَبِّ اِنِّيْ نَذَرْتُ لَكَ مَا فِيْ بَطْنِيْ مُحَرَّرًا فَتَقَبَّلْ مِنِّيْ ج

(ٻار) آهي، تنهن کي مون (دنياوي ڪمن کان) آزاد ڪري تنهنجي لاءِ نذر ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ مون کان قبول

اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٥﴾ فَلَمَّا وَضَعَتْهَا قَالَتْ رَبِّ اِنِّيْ

ڪر. بيشڪ تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين ﴿٣٥﴾ پوءِ جڏهن انهيءَ ٻار ڄڻيو، چيائين ته منهنجا ربّ! بيشڪ مون کي نياڻي

وَضَعْتُهَآ اُنْثٰى ط وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا وَضَعَتْ ط وَلَيْسَ الذَّكَرُ كَالْاُنْثٰى ج

ڄائي آهي ۽ جيڪي ڪجهه ڄڻيائين، تنهن کي الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ۽ پٽ ڌيءُ وانگر نه آهي ۽ بيشڪ

وَاِنِّيْ سَمَّيْتُهَا مَرْيَمَ وَ اِنِّيْٓ اُعِيْذُهَا بِكَ وَذُرِّيَّتَهَا مِنَ

مون سندس نالو مريم رکيو آهي ۽ بيشڪ آءٌ هن کي ۽ سندس اولاد کي تڙيل (۽ لعنتي) شيطان کان تنهنجي

الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿٣٦﴾ فَتَقَبَّلَهَا رَبُّهَا بِقَبُوْلٍ حَسَنٍ وَّاَنْۢبَتَهَا

پناهه ۾ ڏيان ٿي ﴿٣٦﴾ پوءِ سندس ربّ ڪيس قبول ڪيو، سهڻي نموني قبول ڪرڻ ۽ سندس پالنا ڪيائين سهڻي نموني سان پالنا

نَبَاتًا حَسَنًا لا وَّكَفَّلَهَا زَكَرِيَّا ط ج كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا زَكَرِيَّا

ڪرڻ ۽ زڪريا (عليه السلام) سندس سار سنڀال لڌي. جڏهن به زڪريا وٽس محراب ۾ داخل ٿيندو هو، وٽس (اونهاري ۾ سياري جي

الْمِحْرَابَ ۙ وَجَدَ عِنْدَهَا رِزْقًا ۚ قَالَ يٰمَرْيَمُ اَنّٰى لَكِ هٰذَا ؕ

موسم ۾ سياري ۾ اونهاري جي موسم جي ميون مان) روزي لهندو هو. زڪريا (عليه السلام) چيو ته اي مريم! تو وٽ هيءُ

قَالَتْ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ

(ميوو) ڪٿان تو اچي؟ مريم چيو ته اهو الله جي طرفان آهي، بيشڪ الله جنهن کي گهرندو آهي ، بي حساب

حِسَابٍ ﴿۳۷﴾ هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهٗ ۚ قَالَ رَبِّ هَبْ لِيْ مِنْ

روزي ڏيندو آهي ﴿۳۷﴾ اتي زڪريا (عليه السلام) پنهنجي ربّ کان دعا گهري ته منهنجا ربّ! مون کي پنهنجي طرفان پاڪ

لَّدُنْكَ ذُرِّيَّةً طَيِّبَةً ۚ اِنَّكَ سَمِيْعُ الدُّعَآءِ ﴿۳۸﴾ فَنَادَتْهُ الْمَلٰٓئِكَةُ

اولاد عطا ڪر، بيشڪ تون دعا جو ٻڌندڙ (۽ قبول ڪندڙ) آهين ﴿۳۸﴾ پوءِ جڏهن محراب ۾ نماز پڙهي رهيو

وَهُوَ قَآئِمٌ يُّصَلِّيْ فِي الْمِحْرَابِ ۙ اَنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكَ بِيَحْيٰى

هو ته فرشتن ڪيس پڪاري چيو ته بيشڪ الله توکي يحييٰ (عليه السلام) جي (پيدا ٿيڻ جي) خوشخبري

مُصَدِّقًۢا بِكَلِمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَسَيِّدًا وَّحَصُوْرًا وَّنَبِيًّا مِّنَ

ڏي ٿو، جيڪو الله جي ڪلمي (ڪُن سان پيدا ٿيل عيسيٰ عليه السلام) جي تصديق ڪندڙ ۽ سردار ۽ پارسا ۽ نيڪ نبين مان

الصّٰلِحِيْنَ ﴿۳۹﴾ قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّقَدْ بَلَغَنِيَ

آهي ﴿۳۹﴾ زڪريا چيو ته منهنجا ربّ! مون کي پٽ ڪٿان ٿيندو جڏهن ته آءٌ جهور پوڙهو ٿي چڪو آهيان ۽ منهنجي زال

الْكِبَرُ وَامْرَاَتِيْ عَاقِرٌ ؕ قَالَ كَذٰلِكَ اللّٰهُ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ﴿۴۰﴾

سَنڍ آهي. (جبرئيل عليه السلام) چيو ته (جيئن چوين ٿو) تيئن آهي، (پر) الله تعاليٰ جيڪي چاهي ٿو، سو ڪري ٿو ﴿۴۰﴾

قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّيْٓ اٰيَةً ؕ قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ

(زڪريا عليه السلام) چيو ته منهنجا ربّ! منهنجي لاءِ ڪا نشاني مقرر فرماءِ. الله تعاليٰ فرمايو ته تنهنجي لاءِ نشاني هيءَ

ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ اِلَّا رَمْزًا ؕ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ كَثِيْرًا وَّ سَبِّحْ بِالْعَشِيِّ

آهي ته اشاري کان سواءِ ماڻهن سان ٽي ڏينهن نه ڳالهائيندين ۽ پنهنجي ربّ کي گهڻو ياد ڪر ۽ شام ۽ صبح جو سندس

وَالْاِبْكَارِ ﴿۴۱﴾ ع وَاِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىكِ وَ ع ۴ / ۱۴

تسبيح ڪر ﴿۴۱﴾ ۽ جڏهن فرشتن چيو ته اي مريم! بيشڪ الله توکي چونڊيو ۽ توکي (مردن جي ميلاپ ۽ حيض کان) پاڪ ڪيو

طَهَّرَكِ وَاصْطَفٰىكِ عَلٰى نِسَآءِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۲﴾ يٰمَرْيَمُ اقْنُتِيْ لِرَبِّكِ

آهي ۽ توکي (تنهنجي زماني ۾) جهانن جي عورتن تي چونڊيو آهي ﴿۴۲﴾ اي مريم! پنهنجي ربّ لاءِ (نماز ۾) اٿي بيهه ۽

وَاسْجُدِيْ وَارْكَعِيْ مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾ ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ

سجدو ڪر ۽ رڪوع ڪندڙن سان گڏجي رڪوع ڪر ﴿۴۳﴾ اهي غيب جي خبرن مان آهن، جيڪي توکي وحيءَ جي ذريعي

نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ؕ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يُلْقُوْنَ اَقْلَامَهُمْ اَيُّهُمْ

پڌايون ٿا ۽ (اي محمّد ﷺ!) تون وٽن موجود نه هئين، جڏهن (پڪا وجهڻ لاءِ) پنهنجا قلم اڇلائي رهيا هئا ته ڪير مريم جي سار

يَكْفُلُ مَرْيَمَ ۪ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿۴۴﴾ اِذْ قَالَتِ

سنڀال لهي؟ ۽ نه تون (ان وقت) وٽن هئين جڏهن (مريم جي ڪفالت بابت) پاڻ ۾ جهڳڙو ڪري رهيا هئا ﴿۴۴﴾ جڏهن فرشتن

الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكِ بِكَلِمَةٍ مِّنْهُ ۖۗ اسْمُهُ الْمَسِيْحُ

چيو ته اي مريم! بيشڪ الله توکي پنهنجي طرفان هڪ پٽ جي خوشخبري ڏئي ٿو (جيڪو الله جي قدرت ۽ ڪُن جي) ڪلمي

عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ وَجِيْهًا فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿۴۵﴾ لا

سان پيدا ٿيندو. سندس نالو مسيح عيسيٰ پٽ مريم آهي. دنيا ۽ آخرت ۾ عزت وارو ۽ مقرب ٻانهن مان آهي ﴿۴۵﴾

وَيُكَلِّمُ النَّاسَ فِي الْمَهْدِ وَكَهْلًا وَّمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۴۶﴾ قَالَتْ

۽ (معجزي طور) ماڻهن سان پينگهي ۾ ۽ (رسالت ظاهر ڪرڻ لاءِ) پوڙهائپ ۾ ڳالهائيندو ۽ نيڪن مان آهي ﴿۴۶﴾ چيائين ته منهنجا

رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِىْ وَلَدٌ وَّلَمْ يَمْسَسْنِىْ بَشَرٌ ؕ قَالَ كَذٰلِكِ اللّٰهُ

ربّ! مون کي پٽ ڪٿان ٿيندو ۽ مون کي تہ ڪنهن ماڻهو هٿ ناهي لاتو (جبرئيل عليه السلام) چيو تہ (جيئن چوين ٿي)، تيئن آهي پر

يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ اِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۴۷﴾

الله جيڪي چاهي ٿو پيدا ڪري ٿو. جڏهن ڪنهن ڪم جو فيصلو ڪري ٿو تہ دراصل ان کي چوي ٿو تہ "ٿيءُ" تہ ٿي پوندو آهي ﴿۴۷﴾

وَيُعَلِّمُهُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَالتَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ﴿۴۸﴾ ۚ وَرَسُوْلًا

۽ ڪيس ڪتاب ۽ حڪمت ۽ تورات ۽ انجيل سيکاريندو ﴿۴۸﴾ ۽ (ڪيس) بني اسرائيل ڏانهن رسول ڪري موڪليندو (ڪين

اِلٰى بَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ اَنِّىْ قَدْ جِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۙ

چوندو تہ اي بني اسرائيل!) بيشڪ مون توهان وٽ توهان جي ربّ وٽان هڪ نشاني آندي آهي، توهان لاءِ مٽيءَ

اَنِّىْٓ اَخْلُقُ لَكُمْ مِّنَ الطِّيْنِ كَهَيْـَٔةِ الطَّيْرِ فَاَنْفُخُ فِيْهِ فَيَكُوْنُ

مان پکيءَ جي شڪل وانگر (بوتو) ٺاهيان ٿو، پوءِ منجهس ڦوڪ ڏيان ٿو، پوءِ الله جي حڪم سان اهو پکي ٿي

طَيْرًاۢ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَاُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَالْاَبْرَصَ وَاُحْىِ الْمَوْتٰى

اڏري ٿو ۽ (ڄائي ڄمر جي) نابينن ۽ ڪوڙهين کي تندرست ڪريان ٿو ۽ الله جي حڪم سان مئن کي جياريان ٿو

بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا تَاْكُلُوْنَ وَمَا تَدَّخِرُوْنَ ۙ فِىْ بُيُوْتِكُمْ ؕ

۽ توهان جيڪي ڪجهہ کائو ٿا ۽ جيڪي ڪجهہ پنهنجن گهرن ۾ گڏ ڪريو ٿا، تنهن جي باري ۾ توهان کي خبر

اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۴۹﴾ ۚ وَمُصَدِّقًا

ڏيان ٿو. بيشڪ ان ۾ توهان لاءِ هڪڙي نشاني آهي، جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو ﴿۴۹﴾ ۽ پاڻ کان اڳ (آيل) توريت

لِّمَا بَيْنَ يَدَىَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَلِاُحِلَّ لَكُمْ بَعْضَ الَّذِىْ

جي تصديق ڪندڙ آهيان ۽ جيئن توهان لاءِ بعض شيون حلال ڪريان، جيڪي توهان تي حرام ڪيون ويون آهن ۽ مون

حُرِّمَ عَلَيْكُمْ وَجِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿٥٠﴾

توهان وٽ توهان جي ربّ جي طرفان هڪ نشاني آندي آهي، پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪريو ﴿٥٠﴾

اِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ۭ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٥١﴾ فَلَمَّآ

بيشڪ الله منهنجو به ربّ آهي ۽ توهان جو به ربّ آهي، پوءِ سندس ئي عبادت ڪريو. اها ئي سڌي واٽ آهي ﴿٥١﴾ پوءِ

اَحَسَّ عِيْسٰى مِنْهُمُ الْكُفْرَ قَالَ مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ۭ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ

جڏهن عيسيٰ (عليه السلام) انهن کان ڪفر محسوس ڪيو، چيائين ته الله جي دين ڏانهن منهنجا مددگار ڪير آهن؟ حوارين

نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ ۚ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ ۚ وَاشْهَدْ بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿٥٢﴾ رَبَّنَآ اٰمَنَّا

چيو ته اسان الله (جي دين) جا مددگار آهيون. الله تي ايمان آندوسون ۽ (اي عيسيٰ عليه السلام!) شاهد رهه ته بيشڪ اسان

بِمَآ اَنْزَلْتَ وَاتَّبَعْنَا الرَّسُوْلَ فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٥٣﴾ وَمَكَرُوْا

فرمانبردار آهيون ﴿٥٢﴾ ربّ اسان جا! جيڪي ڪجهه تو نازل ڪيو آهي، تنهن تي ايمان آندوسون ۽ پيغمبر جي پيروي ڪئي سون،
پوءِ اسان کي (نبين جي سچائيءَ تي) شاهدي ڏيندڙن مان لک ﴿٥٣﴾ ۽ (ڪافرن عيسيٰ عليه السلام کي قتل ڪرڻ لاءِ سازش ۽) ڳجهي

وَمَكَرَ اللّٰهُ ۭ وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿٥٤﴾ ع اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسٰٓى اِنِّىْ مُتَوَفِّيْكَ ﴿ع ٥ - ١٣ - ٣﴾

تدبير ڪئي ۽ الله سندن ڳجهي تدبير جو ڪين بدلو ڏنو ۽ الله چڱي تدبير ڪندڙ (يعني برائي ڪندڙن کي برائيءَ

وَرَافِعُكَ اِلَيَّ وَمُطَهِّرُكَ مِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَجَاعِلُ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْكَ

جو بدلو ڏيندڙ) آهي ﴿٥٤﴾ ياد ڪر جڏهن الله چيو ته اي عيسيٰ (عليه السلام)! بيشڪ آءٌ توکي وفات ڏيندڙ ۽ توکي پاڻ ڏانهن (آسمان تي)
مٿي ڪڻائيندڙ ۽ توکي ڪافرن کان پاڪ ڪندڙ آهيان ۽ جن تنهنجي پيروي ڪئي، تن کي قيامت جي ڏينهن تائين انهن ماٿهن

فَوْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۚ ثُمَّ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاَحْكُمُ بَيْنَكُمْ

تي (مسلط) ڪندڙ آهيان، جن (اسان جي حجت ۽ غلبي جو) انڪار ڪيو. پوءِ توهان کي مون ڏانهن موٽي اچڻو آهي،

فِيْمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٥٥﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَاُعَذِّبُهُمْ

پوءِ توهان جي وچ ۾ انهن ڳالهين جو فيصلو ڪندس، جن ۾ توهان اختلاف ڪريو ٿا ﴿٥٥﴾ پوءِ باقي رهيا اهي ماڻهو

عَذَابًا شَدِيْدًا فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ز وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٥٦﴾

جيڪي ڪافر ٿيا تہ انهن کي دنيا ۽ آخرت (ٻنهي جهانن) ۾ سخت عذاب ڏيندس ۽ سندن لاءِ ڪو مددگار نہ آهي ﴿٥٦﴾

وَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ ط وَاللّٰهُ

۽ باقي رهيا اهي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تہ (الله) ڪين سندن پورو پورو اجر عطا ڪندو ۽ الله تعاليٰ ظالمن

لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٧﴾ ذٰلِكَ نَتْلُوْهُ عَلَيْكَ مِنَ الْاٰيٰتِ وَالذِّكْرِ

کي دوست نہ رکندو آهي ﴿٥٧﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) اهي (عيسيٰ ۽ مريم عليهما السلام جون خبرون تنهنجي رسالت جي

الْحَكِيْمِ ﴿٥٨﴾ اِنَّ مَثَلَ عِيْسٰى عِنْدَ اللّٰهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ ط خَلَقَهٗ مِنْ

سچائيءَ لاءِ) توتي پڙهون ٿا (اهي اسان جون) آيتون ۽ (هيءُ) حڪمت وارو قرآن آهي، (جيڪو ڪفر ۽ فساد کان روڪي ٿو.) ﴿٥٨﴾
بيشڪ عيسيٰ (عليه السلام جي پيدائش) جو مثال الله وٽ آدم (عليه السلام جي پيدائش) وانگر آهي، جنهن کي مٽيءَ مان پيدا ڪيائين، پوءِ

تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٥٩﴾ اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُنْ مِّنَ

کيس فرمايائين تہ ٿيءُ تہ (هڪدم) ٿي پيو ﴿٥٩﴾ (عيسيٰ عليه السلام جي نشانيءَ بابت ڏنل اها خبر) تنهنجي ربّ جي

الْمُمْتَرِيْنَ ﴿٦٠﴾ فَمَنْ حَآجَّكَ فِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ

طرفان برحق آهي، پوءِ شڪ ڪندڙن مان نہ ٿيءُ ﴿٦٠﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ!) جيڪو شخص انهيءَ (عيسيٰ عليه السلام جي شان جي) باري ۾
تو سان تڪرار ڪري، هن کان پوءِ جو تو وٽ علم اچي چڪو تہ پوءِ فرماءِ تہ اچو، سڏيون اسان پنهنجن پٽن کي ۽ توهان جي پٽن

تَعَالَوْا نَدْعُ اَبْنَآءَنَا وَاَبْنَآءَكُمْ وَنِسَآءَنَا وَنِسَآءَكُمْ وَاَنْفُسَنَا

کي، اسان پنهنجين عورتن کي ۽ توهان جي عورتن کي، اسان پنهنجن نفسن کي ۽ توهان جي نفسن کي (يعني اسان

وَاَنْفُسَكُمْ قف ثُمَّ نَبْتَهِلْ فَنَجْعَلْ لَّعْنَتَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ ﴿٦١﴾

پنهنجن سوٽن کي ۽ توهان جي سوٽن کي) پوءِ توبه ۽ زاريءَ سان دعا گهرون، پوءِ ڪوڙن تي الله جي لعنت وجهون ﴿٦١﴾

اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْقَصَصُ الْحَقُّ ج وَمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ ط وَاِنَّ

بيشڪ هيءُ (وحي جيڪو توڏانهن موڪليو ويو آهي)، اها بلڪل سچي خبر آهي ۽ الله کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي ۽

اللّٰهَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٦٢﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ

بيشڪ الله غالب حڪمت وارو آهي ﴿٦٢﴾ پوءِ جيڪڏهن اهي پٺي ڦيرائين تا ته بيشڪ الله فسادين کي

بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿٦٣﴾ ع قُلْ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍۢ بَيْنَنَا

ع ٦ ١٤

چاڻڻ وارو آهي ﴿٦٣﴾ (اي پيغمبر ﷺ!) فرماءِ ته اي ڪتاب وارو! اچو هڪڙي (سچي) ڳالهه ڏانهن جيڪا اسان جيءَ توهان

وَبَيْنَكُمْ اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللّٰهَ وَلَا نُشْرِكَ بِهٖ شَيْئًا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا

جي وچ ۾ برابر آهي، (يعني) الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريون ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪريون ۽ نه

بَعْضًا اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُوْلُوا اشْهَدُوْا بِاَنَّا

اسان مان ڪو الله کان سواءِ ڪنهن کي ربّ بڻائي. پوءِ به جيڪڏهن پٺي ڦيرائين تا ته (ڪين) فرماءِ ته شاهد رهو ته

مُسْلِمُوْنَ ﴿٦٤﴾ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تُحَآجُّوْنَ فِيْۤ اِبْرٰهِيْمَ وَمَآ

اسين (توحيد جو اقرار ڪندڙن مان) آهيون ﴿٦٤﴾ اي ڪتاب وارو! ابراهيم (عليه السلام) جي باري ۾ توهين جهڳڙو ڇو ٿا

اُنْزِلَتِ التَّوْرٰىةُ وَالْاِنْجِيْلُ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِهٖ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٦٥﴾

ڪريو؟ ۽ توريت ۽ انجيل (ابراهيم عليه السلام کان) بعد ۾ نازل ڪيو ويو آهي، ڇا پوءِ توهان عقل کان ڪم نٿا وٺو ﴿٦٥﴾

هٰۤاَنْتُمْ هٰۤؤُلَآءِ حَاجَجْتُمْ فِيْمَا لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ فَلِمَ تُحَآجُّوْنَ

توهان جون هي اهي تڪراري ڳالهيون آهن، جن جي باري ۾ توهان کي علم آهي، پوءِ انهن ڳالهين جي باري ۾

فِيْمَا لَيْسَ لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٦﴾

جهڳڙو ڇو ٿا ڪريو جن بابت توهان کي علم نه آهي ۽ الله (ابراهيم عليه السلام جي حال کي) ڄاڻي ٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو ﴿٦٦﴾

مَا كَانَ اِبْرٰهِيْمُ يَهُوْدِيًّا وَّلَا نَصْرَانِيًّا وَّلٰكِنْ كَانَ حَنِيْفًا

ابراهيم (عليه السلام) نه يهودي هو ۽ نه عيسائي هو ۽ پر اهو باطل کي ڇڏي، حق ڏانهن متوجّه ٿيندڙ هڪ مسلمان

مُسْلِمًا ۭ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٦٧﴾ اِنَّ اَوْلَى النَّاسِ بِاِبْرٰهِيْمَ

(فرمانبردار) هو ۽ مشرڪن مان نه هو ﴿٦٧﴾ بيشڪ ماڻهن مان ابراهيم (عليه السلام) کي سڀ کان وڌيڪ ويجها اهي آهن،

لَلَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ وَھٰذَا النَّبِيُّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۭ وَاللّٰهُ وَلِيُّ

جن سندس پيروي ڪئي ۽ هيءُ پيغمبر (يعني حضرت محمد ﷺ) ۽ اهي ماڻهو جن (متس) ايمان آندو ۽ الله مؤمنن

الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٨﴾ وَدَّتْ طَّاۗىِٕفَةٌ مِّنْ اَھْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يُضِلُّوْنَكُمْ ۭ

جو دوست آهي ﴿٦٨﴾ ڪتاب وارن مان هڪڙي ٽولي چاهي ٿي ته جيڪر توهان کي گمراه ڪري ۽ اهي توهان کي

وَمَا يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَھُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٦٩﴾ يٰٓاَھْلَ الْكِتٰبِ لِمَ

گمراه نٿا ڪن، اهي رڳو پاڻ کي گمراه ڪن ٿا ۽ نٿا ڄاڻن ﴿٦٩﴾ اي ڪتاب وارو! الله جي آيتن (يعني قرآن)

تَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَاَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿٧٠﴾ يٰٓاَھْلَ الْكِتٰبِ لِمَ

جو ڪفر ڇو ٿا ڪريو ۽ توهان سندس سچائيءَ جي شاهدي (اڳين آسماني ڪتابن ۾) ڏسو ٿا؟ ﴿٧٠﴾ اي ڪتاب وارو! حق

تَلْبِسُوْنَ الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٧١﴾ ع وَ ع ٧ ٨ ١٥

کي باطل سان ڇو ٿا ملايو ۽ توهان حق کي لڪايو ٿا ۽ توهان ڄاڻو ٿا (ته سندس دين حق آهي؟) ﴿٧١﴾ ۽ ڪتاب وارن

قَالَتْ طَّاۗىِٕفَةٌ مِّنْ اَھْلِ الْكِتٰبِ اٰمِنُوْا بِالَّذِيْٓ اُنْزِلَ عَلَي الَّذِيْنَ

مان هڪڙي ٽولي (هڪ ٻئي کي) چوي ٿي ته ڏينهن جي پهرئين حصي ۾ (قرآن تي) ايمان آڻيو، جيڪو مؤمنن تي لاٿو

اٰمَنُوْا وَجْهَ النَّهَارِ وَاكْفُرُوْٓا اٰخِرَهٗ لَعَلَّھُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٧٢﴾ ښ وَلَا تُؤْمِنُوْٓا اِلَّا

ويو آهي ۽ ڏينهن جي آخر ۾ ڪافر ٿيو، مَنَ اهي (حضرت محمد ﷺ جا اصحابي دين کان) ڦري وڃن ﴿٧٢﴾ ۽ رڳو ان تي

لِمَنْ تَبِعَ دِيْنَكُمْ ۭ قُلْ اِنَّ الْهُدٰى هُدَى اللّٰهِ ۙ اَنْ يُّؤْتٰٓى اَحَدٌ مِّثْلَ

ايمان آڻيو، جيڪو توهان جي دين جي پيروي ڪري. (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته بيشڪ هدايت، الله جي هدايت آهي

مَآ اُوْتِيْتُمْ اَوْ يُحَآجُّوْكُمْ عِنْدَ رَبِّكُمْ ؕ قُلْ اِنَّ الْفَضْلَ بِيَدِ اللّٰهِ ۚ يُؤْتِيْهِ

(يهودي چون ٿا ته) جيڪو علم توهان کي ڏنو ويو آهي (سو پليي هڪ ٻئي وٽ ظاهر ڪريو، پر مسلمانن وٽ ظاهر نه ڪريو متان)
توهان سان توهان جي ربّ وٽ جهڳڙو ڪن. (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ ته بيشڪ فضل الله جي هٿ ۾ آهي، جنهن کي گهري ٿو، ڏئي

مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ۚ ﴿٧٣﴾ يَّخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ

ٿو ۽ الله ڪشادي (رحمت وارو ۽) علم وارو آهي ﴿٧٣﴾ جنهن کي چاهي ٿو، پنهنجي رحمت لاءِ خاص ڪري ٿو ۽ الله

ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٧٤﴾ وَمِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مَنْ اِنْ تَاْمَنْهُ بِقِنْطَارٍ يُّؤَدِّهٖۤ

وڏي فضل وارو آهي ﴿٧٤﴾ ۽ ڪتاب وارن مان ڪو اهڙو آهي، جو جيڪڏهن وٽس هڪ خزانو به امانت ۾ رکندين ته توکي

اِلَيْكَ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ اِنْ تَاْمَنْهُ بِدِيْنَارٍ لَّا يُؤَدِّهٖۤ اِلَيْكَ اِلَّا مَا دُمْتَ

اهو ادا ڪندو ۽ انهن مان ڪو آهي، جو جيڪڏهن وٽس هڪ دينار به امانت ۾ رکندين ته اهو توکي ادا نه ڪندو، مگر

عَلَيْهِ قَآئِمًا ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لَيْسَ عَلَيْنَا فِى الْاُمِّيّٖنَ سَبِيْلٌ ۚ

جيستائين ان جي مٿان بيٺو رهين. اهو هن ڪري آهي جو چون ٿا ته اڻ پڙهيلن (يعني عربن جو مال ڦٻائڻ) ۾ اسان

وَيَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾ بَلٰى مَنْ اَوْفٰى بِعَهْدِهٖ

تي گناه نه آهي ۽ الله تي ڪوڙ هڻن ٿا ۽ ڄاڻن ٿا (ته ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن) ﴿٧٥﴾ هائو! جيڪو (الله سان) پنهنجو وعدو

وَاتَّقٰى فَاِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٧٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَشْتَرُوْنَ بِعَهْدِ

پورو ڪندو ۽ (وعده جي ڀڃڪڙيءَ کان) بچندو ته پوءِ بيشڪ الله متقين کي پسند ڪري ٿو ﴿٧٦﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو

اللّٰهِ وَاَيْمَانِهِمْ ثَمَنًا قَلِيْلًا اُولٰٓئِكَ لَا خَلَاقَ لَهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ

الله سان ڪيل وعدن ۽ قسمن جي عيوض ۾ ٿورو ملهه خريد ڪن ٿا، تن لاءِ آخرت ۾ ڪو ڀاڱو نه آهي

وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ وَلَا يَنْظُرُ اِلَيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيْهِمْ ۠

۽ قيامت جي ڏينهن الله نه انهن سان ڳالهائيندو (جنهن سان ڪين خوشي ٿئي) ۽ نه انهن تي رحمت جي نظر

وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٧﴾ وَاِنَّ مِنْهُمْ لَفَرِيْقًا يَّلْوٗنَ اَلْسِنَتَهُمْ

وجهندو ۽ نہ کين پاڪ ڪندو ۽ سندن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿٧٧﴾ ۽ بيشڪ انهن (يهودين) مان هڪڙي ٽولي آهي،

بِالْكِتٰبِ لِتَحْسَبُوْهُ مِنَ الْكِتٰبِ وَمَا هُوَ مِنَ الْكِتٰبِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ هُوَ

جيڪي (ڪتاب الله ۾ هيرا ڦيري ڪرڻ لاءِ) پنهنجين زبانن کي موڙين ٿا تہ جيئن (ڦير ايل ۽ مَٽايل لفظن) کي الله جو

مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ وَمَا هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ

ڪتاب سمجهو، حالانڪ اهو الله جو ڪتاب نہ آهي ۽ چون ٿا تہ اهو الله جي طرفان آهي ۽ اهو الله جي طرفان نہ آهي ۽ الله

وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٨﴾ مَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّؤْتِيَهُ اللّٰهُ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ

تي ڪوڙ هڻن ٿا ۽ اهي ڄاڻن ٿا ﴿٧٨﴾ ڪنهن بني بشر کي نٿو جڳائي تہ الله ڪيس ڪتاب ۽ دانائي ۽ پيغمبري ڏي،

وَالنُّبُوَّةَ ثُمَّ يَقُوْلَ لِلنَّاسِ كُوْنُوْا عِبَادًا لِّيْ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ

پوءِ ماڻهن کي چوي تہ الله کي ڇڏي منهنجا ٻانها ٿيو ۽ پر (چوندو تہ) توهان الله (جي معرفت) وارا (يعني ماڻهن جا

كُوْنُوْا رَبّٰنِيّٖنَ بِمَا كُنْتُمْ تُعَلِّمُوْنَ الْكِتٰبَ وَبِمَا كُنْتُمْ تَدْرُسُوْنَ ﴿٧٩﴾ لا

استاد) ٿيو، هن ڪري جو توهان ڪتاب سيکاريو ٿا ۽ پڙهن ڪري بہ جو توهان ڪتاب پڙهو ٿا ﴿٧٩﴾

وَلَا يَاْمُرَكُمْ اَنْ تَتَّخِذُوا الْمَلٰٓئِكَةَ وَالنَّبِيّٖنَ اَرْبَابًا ؕ اَيَاْمُرُكُمْ

۽ (الله جل جلاله) توهان کي حڪم نٿو فرمائي تہ فرشتن ۽ نبين کي (پنهنجو) ربّ بڻايو. ڇا توهان کي

بِالْكُفْرِ بَعْدَ اِذْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿٨٠﴾ ع وَاِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ النَّبِيّٖنَ

مسلمان ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪفر جو حڪم ڪندو ؟ ﴿٨٠﴾ ۽ جڏهن الله نبين کان عهد ورتو تہ جڏهن مون

لَمَآ اٰتَيْتُكُمْ مِّنْ كِتٰبٍ وَّحِكْمَةٍ ثُمَّ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مُّصَدِّقٌ لِّمَا

توهان کي ڪتاب ۽ حڪمت عطا ڪئي آهي، پوءِ توهان وٽ هڪ پيغمبر (يعني حضرت محمد ﷺ) اچي (۽) تصديق

مَعَكُمْ لَتُؤْمِنُنَّ بِهٖ وَلَتَنْصُرُنَّهٗ ط قَالَ ءَاَقْرَرْتُمْ وَ اَخَذْتُمْ عَلٰى

كندڙ هجي، انهيءَ (كتاب ۽ حكمت) جي، جيكي توهان وٽ آهي ته ضرور توهان متس ايمان آڻيندا ۽ ضرور

ذٰلِكُمْ اِصْرِىْ ط قَالُوْٓا اَقْرَرْنَا ط قَالَ فَاشْهَدُوْا وَ اَنَا مَعَكُمْ مِّنَ

سندس مدد كندا. (الله پيغمبرن كي) چيو ته چا (حضرت محمد ﷺ تي ايمان آڻڻ ۽ سندس مدد كرڻ جو) اقرار كريو ٿا ؟ ۽
توسان انهيءَ تي مون سان عهد كريو ٿا ؟ چيائون ته اقرار كيوسون. الله فرمايو ته پوءِ توهان شاهد رهو ۽ آءٌ به توهان سان

الشّٰهِدِيْنَ ﴿٨١﴾ فَمَنْ تَوَلّٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٨٢﴾

گڏ شاهدن مان آهيان ﴿٨١﴾ پوءِ جنهن ان كان بعد منهن ڦيرايو ته پوءِ اهي ئي ماڻهو نافرمان آهن ﴿٨٢﴾

اَفَغَيْرَ دِيْنِ اللّٰهِ يَبْغُوْنَ وَلَهٗٓ اَسْلَمَ مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

ڇا پوءِ الله جي دين كان سواءِ (ٻيو دين) اختيار كن ٿا ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ جيكي به آهن، سڀ خوشي ۽ ناخوشي سان

طَوْعًا وَّ كَرْهًا وَّاِلَيْهِ يُرْجَعُوْنَ ﴿٨٣﴾ قُلْ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا

سندس فرمانبردار آهن ۽ كين ان ڏانهن ئي موٽايو ويندو ﴿٨٣﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته ايمان آندوسون الله

وَمَآ اُنْزِلَ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَ اِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطِ

تي ۽ ان تي جيكي نازل كيو ويو اسان تي ۽ جيكي نازل كيو ويو ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب

وَمَآ اُوْتِىَ مُوْسٰى وَعِيْسٰى وَالنَّبِيُّوْنَ مِنْ رَّبِّهِمْ ص لَا نُفَرِّقُ

جي پٽن تي ۽ جيكي موسيٰ ۽ عيسيٰ ۽ (ٻين) نبين (عليهم السلام) كي سندن ربّ جي طرفان ڏنو ويو.

بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ ز وَ نَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَمَنْ يَّبْتَغِ

انهن رسولن مان اسان كنهن هك ۾ به فرق نٿا كريون ۽ اسان سندس فرمانبردار آهيون ﴿٨٤﴾ ۽ جيكو شخص

غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ ج وَ هُوَ فِى الْاٰخِرَةِ

اسلام كان سواءِ ٻيو دين چاهيندو، ته اهو هرگز ان كان قبول نه كيو ويندو ۽ اهو آخرت ۾ نقصان پوڳڻ وارن

مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٨٥﴾ كَيْفَ يَهْدِی اللّٰهُ قَوْمًا كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ

مان آهي ﴿٨٥﴾ الله انهيءَ قوم کي ڪيئن هدايت ڏيندو، جيڪي (حضرت محمد ﷺ جن جي نبوت کان اڳ

وَشَهِدُوْٓا اَنَّ الرَّسُوْلَ حَقٌّ وَّ جَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِی

مٿن) ايمان آڻڻ جي باوجود بعد ۾ (سندن) ڪافر ٿي ويا؟ ۽ (پهريائين) انهن شاهدي ڏني ته (پاڪ سڳورا ﷺ الله جا) سچا پيغمبر آهن ۽ (توريت ۾ پاڪ سڳورن ﷺ جن جي سچائي جي باري ۾) وٽن روشن دليل اچي چڪا آهن ۽ الله ظالم (۽ عهد

الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٨٦﴾ اُولٰٓئِكَ جَزَآؤُهُمْ اَنَّ عَلَيْهِمْ لَعْنَةَ اللّٰهِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ

ٽوڙيندڙ) قوم کي هدايت نه ڏيندو آهي ﴿٨٦﴾ انهن ماڻهن جو بدلو هيءُ آهي ته مٿن الله تعاليٰ ۽ فرشتن ۽ ماڻهن

وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿٨٧﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا

سڀني جي لعنت آهي ﴿٨٧﴾ انهيءَ ۾ سدائين رهڻ وارا آهن، نه انهن تان عذاب هلڪو ڪيو ويندو ۽ نه ڪين مهلت

هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٨٨﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَاَصْلَحُوْا ۟ فَاِنَّ اللّٰهَ

ڏني ويندي ﴿٨٨﴾ مگر جن انهيءَ (ڪافريءَ) کان پوءِ توبه ڪئي ۽ (پاڻ کي) سڌاريائون، پوءِ بيشڪ الله بخشڻهار،

غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٨٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ ثُمَّ ازْدَادُوْا كُفْرًا

رحم ڪندڙ آهي ﴿٨٩﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو پنهنجي ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪافر ٿيا (يعني يهودي) پوءِ ڪفر ۾ وڌندا ويا

لَّنْ تُقْبَلَ تَوْبَتُهُمْ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الضَّآلُّوْنَ ﴿٩٠﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

(يعني مرڻ گهڙيءَ تائين ڪفر تي قائم رهيا) هرگز سندن توبه قبول نه ڪبي ۽ اهي ئي گمراه آهن ﴿٩٠﴾ بيشڪ جيڪي

وَمَاتُوْا وَهُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْ اَحَدِهِمْ مِّلْءُ الْاَرْضِ ذَهَبًا

ماڻهو ڪافر ٿيا ۽ ڪفر تي مئا، انهن مان ڪو هڪ (عذاب کان بچڻ لاءِ بدلي ۾) فديي ۾ پوري زمين پري سونُ به

وَّلَوِ افْتَدٰی بِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ وَّمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٩١﴾ ع

ڏيندو ته اهو به ان کان قبول نه ڪيو ويندو. انهن ماڻهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ۽ انهن لاءِ ڪو مدد ڪندڙ نه آهي ﴿٩١﴾

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ؕ۬ وَ مَا تُنْفِقُوْا مِنْ

توهان هرگز نيڪيءَ (جي مرتبي ۽ بهشت) تائين پهچي نہ سگهندا، تانجو پنهنجيون سڀ کان پياريون شيون خرچ

شَیْءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِیْمٌ ﴿۹۲﴾ كُلُّ الطَّعَامِ كَانَ حِلًّا لِّبَنِیْۤ

ڪريو ۽ جيڪا بہ شيءِ توهان خرچ ڪندا، پوءِ بيشڪ الله ان کي ڄاڻندڙ آهي ﴿۹۲﴾ بني اسرائيل لاءِ سڀ کاڌا حلال هئا،

اِسْرَآءِیْلَ اِلَّا مَا حَرَّمَ اِسْرَآءِیْلُ عَلٰی نَفْسِهٖ مِنْ قَبْلِ اَنْ

مگر جيڪي توريت جي نازل ٿيڻ کان اڳ يعقوب (عليه السلام) پاڻ تي پاڻ حرام ڪيا هئا (يعني اٺ جو گوشت

تُنَزَّلَ التَّوْرٰىةُ ؕ قُلْ فَاْتُوْا بِالتَّوْرٰىةِ فَاتْلُوْهَاۤ اِنْ كُنْتُمْ

۽ ڏاچيءَ جو کير) (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ پوءِ توريت آڻيو، پوءِ ان کي پڙهو، جيڪڏهن توهان

صٰدِقِیْنَ ﴿۹۳﴾ فَمَنِ افْتَرٰی عَلَی اللّٰهِ الْكَذِبَ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ

سچا آهيو ﴿۹۳﴾ پوءِ انهيءَ (دليل جي ظاهر ٿيڻ) کان بعد بہ جيڪي ماڻهو الله تي ڪوڙو بهتان هڻن ٿا، تہ پوءِ

فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۹۴﴾ قُلْ صَدَقَ اللّٰهُ ۫ فَاتَّبِعُوْا مِلَّةَ اِبْرٰهِیْمَ

وقف جبريل عليه السلام

اهي ئي ماڻهو ظالم آهن ﴿۹۴﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ الله سچ فرمايو، پوءِ باطل کي ڇڏي حقّ ڏانهن متوجّہ ٿي ابراهيم

حَنِیْفًا ؕ وَ مَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِیْنَ ﴿۹۵﴾ اِنَّ اَوَّلَ بَیْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ

(عليه السلام) جي دين جي پيروي ڪريو ۽ اهو مشرڪن مان نہ هو ﴿۹۵﴾ بيشڪ سڀ کان پهريون گهر جيڪو ماڻهن (جي حج) لاءِ

لَلَّذِیْ بِبَكَّةَ مُبٰرَكًا وَّ هُدًی لِّلْعٰلَمِیْنَ ﴿۹۶﴾ فِیْهِ اٰیٰتٌۢ بَیِّنٰتٌ

ٺاهيو ويو سو مڪي ۾ آهي، برڪت وارو ۽ جهانن وارن لاءِ هدايت آهي ﴿۹۶﴾ منجهس روشن نشانيون ۽ ابراهيم (عليه السلام)

مَّقَامُ اِبْرٰهِیْمَ ۚ۬ وَ مَنْ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا ؕ وَ لِلّٰهِ عَلَی النَّاسِ حِجُّ

جي بيهڻ جي جاءِ آهي ۽ جيڪو منجهس داخل ٿيو سو (الله جي عذاب کان) امن وارو آهي ۽ الله جي طرفان ماڻهن

الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا ؕ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنِ

تي بيت الله جو حج (فرض) آهي، جيڪو اتي پهچڻ جي سگهه رکي ۽ جيڪو شخص (حج جي فرضيت جو) ڪافر ٿيندو

الْعٰلَمِيْنَ ﴿۹۷﴾ قُلْ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۖۗ وَ

تہ پوءِ بيشڪ الله جهانن وارن کان بي نياز آهي ﴿۹۷﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ اي ڪتاب وارو! الله جي آيتن جا ڪافر ڇو ٿا ٿيو ۽

اللّٰهُ شَهِيْدٌ عَلٰى مَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۸﴾ قُلْ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ

جيڪي ڪجهه توهان ڪريو ٿا، تنهن تي الله شاهد آهي ﴿۹۸﴾ فرماءِ تہ اي ڪتاب وارو! الله جي واٽ کان ڇو ٿا روڪيو، ان

تَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ تَبْغُوْنَهَا عِوَجًا وَّاَنْتُمْ

شخص کي جنهن ايمان آندو؟ انهيءَ ۾ ڏنگائي پيدا ڪريو ٿا ۽ (جيڪي ڪجهه توراة ۾ آهي تنهن تي) توهان شاهد

شُهَدَآءُ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۹﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ

آهيو (تہ اسلام ئي الله جو دين آهي) ۽ جيڪي ڪجهه توهان ڪريو ٿا، الله تنهن کان غافل نہ آهي ﴿۹۹﴾ اي (قبيلي اوس ۽

اٰمَنُوْۤا اِنْ تُطِيْعُوْا فَرِيْقًا مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ يَرُدُّوْكُمْ بَعْدَ

خزرج جا) مؤمنو! جيڪڏهن ڪتاب وارن مان هڪڙي ٽوليءَ جي فرمانبرداري ڪندا تہ توهان جي ايمان آڻڻ کان

اِيْمَانِكُمْ كٰفِرِيْنَ ﴿۱۰۰﴾ وَكَيْفَ تَكْفُرُوْنَ وَاَنْتُمْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ اٰيٰتُ

پوءِ توهان کي ڦيرائي ڪافر ڪري ڇڏيندا ﴿۱۰۰﴾ ۽ توهان ڪافر ڪيئن ٿيندا ۽ توهان تي الله جون آيتون پڙهيون وڃن

اللّٰهِ وَفِيْكُمْ رَسُوْلُهٗ ؕ وَمَنْ يَّعْتَصِمْ بِاللّٰهِ فَقَدْ هُدِيَ اِلٰى صِرَاطٍ

ٿيون ۽ توهان ۾ سندس رسول (حضرت محمد ﷺ) آهي ۽ جيڪو الله (جي دين) کي مضبوطيءَ سان پڪڙيندو تہ پوءِ

مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۱۰۱﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَلَا ع ۱۰

بيشڪ ڪيس سڌي واٽ ڏيکاري وئي ﴿۱۰۱﴾ اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو، جيئن ان کان ڊڄڻ جو حق آهي ۽ توهان نہ مرو، مگر

تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَاَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٠٢﴾ وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا وَّلَا

هن حالت ۾ جو توهان فرمانبردار هجو ﴿١٠٢﴾ ۽ سڀ گڏجي الله جي رسيءَ (يعني قرآن ۽ دين اسلام) کي مضبوطيءَ

تَفَرَّقُوْا ۪ وَاذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ كُنْتُمْ اَعْدَآءً فَاَلَّفَ

سان چنبڙو ۽ ٽولا ٽولا نہ ٿيو ۽ پاڻ تي الله جي نعمت کي ياد ڪريو جڏهن توهان هڪ ٻئي جا دشمن هئا. پوءِ

بَيْنَ قُلُوْبِكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ بِنِعْمَتِهٖٓ اِخْوَانًا ۚ وَكُنْتُمْ عَلٰى شَفَا

توهان جي دلين کي جوڙي ڇڏيائين، پوءِ توهان سندس نعمت سان پاڻ ۾ ڀائر ٿي پيا ۽ توهان

حُفْرَةٍ مِّنَ النَّارِ فَاَنْقَذَكُمْ مِّنْهَا ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ

دوزخ جي کڏ جي ڪناري تي هئا، پوءِ توهان کي ان کان بچايائين. اهڙيءَ طرح الله پنهنجيون آيتون

اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٠٣﴾ وَلْتَكُنْ مِّنْكُمْ اُمَّةٌ يَّدْعُوْنَ اِلَى

توهان لاءِ روشن ڪري ٿو، مَنَ توهان هدايت لهو ﴿١٠٣﴾ ۽ توهان مان هڪڙي ٽولي اهڙي هئڻ گهرجي

الْخَيْرِ وَيَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ ؕ وَاُولٰٓئِكَ

جيڪا ڀلائيءَ ڏانهن سڏي ۽ نيڪيءَ جو حڪم ڪري ۽ برائيءَ کان روڪي ۽ (انهن صفتن وارا) ماڻهو

هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٠٤﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ تَفَرَّقُوْا وَاخْتَلَفُوْا مِنْۢ

ئي ڪاميـاب آهـن ﴿١٠٤﴾ ۽ انهن (يهودين ۽ عيسائين) وانگر نہ ٿيو، جيڪي روشن دليلن جي اچڻ کان پوءِ بہ

بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ؕ وَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۙ ﴿١٠٥﴾ يَّوْمَ

ٽولا ٽولا ٿي ويا ۽ پاڻ ۾ اختلاف ڪيائون ۽ انهن (صفتن وارن) ماڻهن لاءِ وڏو عذاب آهي ﴿١٠٥﴾ ان ڏينهن

تَبْيَضُّ وُجُوْهٌ وَّتَسْوَدُّ وُجُوْهٌ ۚ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اسْوَدَّتْ

ڪي منهن روشن هوندا ۽ ڪي منهن ڪارا هوندا، پوءِ رهيا اهي ماڻهو جن جا منهن ڪارا هوندا، تن کي چيو ويندو

وُجُوْهُهُمْ قف اَكَفَرْتُمْ بَعْدَ اِيْمَانِكُمْ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا

تہ ڇا توهان (حضرت محمد عربي ﷺ تي) پنهنجي ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪافر ٿي ويا؟ پوءِ عذاب چکو، انهيءَ ڪفر

كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿١٠٦﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ ابْيَضَّتْ وُجُوْهُهُمْ فَفِيْ

جو جيڪو توهان ڪندا هئا ﴿١٠٦﴾ ۽ رهيا اهي ماڻهو جن جا منهن روشن هوندا، اهي الله جي رحمت (۽ سندس جنت) ۾

رَحْمَةِ اللّٰهِ ؕ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿١٠٧﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا

هوندا، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ﴿١٠٧﴾ اهي الله (جي ڪتاب قرآن) جون آيتون آهن جيڪي (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) تو

عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ؕ وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٨﴾ وَلِلّٰهِ مَا

تي حق سان پڙهون ٿا ۽ الله جهانن وارن تي ظلم جو ارادو نٿو ڪري (جو ناحق ڪين عذاب ڪري.) ﴿١٠٨﴾ ۽ جو ڪجهہ آسمانن

فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿١٠٩﴾ ع كُنْتُمْ ع ۱۱

۾ ۽ جو ڪجهہ زمين ۾ آهي، سو سڀ الله جو آهي ۽ (سڀ) ڪم الله ڏانهن موٽايا وڃن ٿا ﴿١٠٩﴾ (اي امت محمديہ ﷺ!)

خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ

توهان هڪڙي بهترين امت آهيو، جنهن کي ماڻهن جي لاءِ ڪڍيو ويو آهي. توهان نيڪيءَ جو حڪم

الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ؕ وَلَوْ اٰمَنَ اَهْلُ الْكِتٰبِ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ

ڪريو ٿا ۽ برائيءَ کان روڪيو ٿا ۽ الله تي ايمان رکو ٿا ۽ جيڪڏهن ڪتاب وارا ايمان آڻين ها تہ البت سندن

مِنْهُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ وَاَكْثَرُهُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿١١٠﴾ لَنْ يَّضُرُّوْكُمْ اِلَّآ

لاءِ چڱو هو. انهن مان ڪي مؤمن آهن ۽ انهن مان گهڻا فاسق آهن ﴿١١٠﴾ توهان کي رڳو (ٿوري) تڪليف پهچائي

اَذًى ؕ وَاِنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ يُوَلُّوْكُمُ الْاَدْبَارَ قف ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿١١١﴾

سگهن ٿا ۽ جيڪڏهن (يهودي) توهان سان وڙهندا تہ پٺي ڦيرائي ڀڄندا، پوءِ ڪين مدد نہ ڏني ويندي ﴿١١١﴾

ضُرِبَتۡ عَلَيۡهِمُ الذِّلَّةُ اَيۡنَ مَا ثُقِفُوۡۤا اِلَّا بِحَبۡلٍ مِّنَ اللّٰهِ وَحَبۡلٍ

الله جي ذمي ۽ ماڻهن جي ذمي کان سواءِ جتي ب اهي لڌا ويندا، اتي انهن جي مٿان خواري

مِّنَ النَّاسِ وَ بَآءُوۡ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَضُرِبَتۡ عَلَيۡهِمُ الۡمَسۡكَنَةُ ؕ

مسلط ڪئي ويئي آهي ۽ اهي الله جي ڏمر ڏانهن موٽيا ۽ مٿن مسڪيني (۽ بدحالي) مڙهي وئي، ڇاڪاڻ ت

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ كَانُوۡا يَكۡفُرُوۡنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقۡتُلُوۡنَ الۡاَنۡۢبِيَآءَ

اهي الله تعاليٰ جي آيتن جو ڪفر ڪندا آهن ۽ (الله جي) پيغمبرن کي ناحق قتل ڪندا آهن

بِغَيۡرِ حَقٍّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوۡا وَّكَانُوۡا يَعۡتَدُوۡنَ ﴿۱۱۲﴾ لَيۡسُوۡا سَوَآءً ؕ

۽ اهو هن ڪري آهي جو اهي نافرمان ٿيا ۽ اهي حد کان لنگهندڙ آهن ﴿۱۱۲﴾ (اهي ڪتاب وارا دين ۾) برابر ن آهن.

مِنۡ اَهۡلِ الۡكِتٰبِ اُمَّةٌ قَآئِمَةٌ يَّتۡلُوۡنَ اٰيٰتِ اللّٰهِ اٰنَآءَ الَّيۡلِ

ڪتاب وارن مان هڪڙي ٽولي حق تي قائم آهي. اهي رات جي گهڙين ۾ الله تعاليٰ (جي ڪتاب قرآن)

وَهُمۡ يَسۡجُدُوۡنَ ﴿۱۱۳﴾ يُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَيَاۡمُرُوۡنَ

جون آيتون پڙهن ٿا ۽ نماز پڙهن ٿا ﴿۱۱۳﴾ الله تعاليٰ ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا ۽ چڱائيءَ جو

بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَيَنۡهَوۡنَ عَنِ الۡمُنۡكَرِ وَيُسَارِعُوۡنَ فِى الۡخَيۡرٰتِ ؕ

حڪم ڪن ٿا ۽ برائيءَ کان روڪين ٿا ۽ ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ (بين کان) اڳتي نڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا

وَاُولٰٓئِكَ مِنَ الصّٰلِحِيۡنَ ﴿۱۱۴﴾ وَمَا يَفۡعَلُوۡا مِنۡ خَيۡرٍ فَلَنۡ يُّكۡفَرُوۡهُ ؕ

۽ اُهي ئي ماڻهو نيڪ آهن ﴿۱۱۴﴾ ۽ اهي جيڪا ب ڀلائي ڪندا ، تنهن جو انهن کي بدلو ڏيڻ کان هرگز انڪار ن ڪيو

وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌۢ بِالۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۱۱۵﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَنۡ تُغۡنِىَ عَنۡهُمۡ

ويندو ۽ الله پرهيزگارن کي ڄاڻندڙ آهي ﴿۱۱۵﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو (حضرت محمد ﷺ جا) ڪافر ٿيا، تن کي

اَمْوَالُهُمْ وَ لَآ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ وَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ

سندن مالَ ۽ سندن اولاد الله (جي عذاب) کان هرگز ڪجهه بہ بچائي نہ سگهندا ۽ اهي ئي ماڻهو دوزخي آهن،

النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۱۱۶﴾ مَثَلُ مَا يُنْفِقُوْنَ فِيْ هٰذِهِ الْحَيٰوةِ

اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ﴿۱۱۶﴾ اهي دنيا جي هن زندگيءَ ۾ جيڪي ڪجهه خرچ ڪن ٿا،

الدُّنْيَا كَمَثَلِ رِيْحٍ فِيْهَا صِرٌّ اَصَابَتْ حَرْثَ قَوْمٍ ظَلَمُوْٓا

تنهن جو مثال هڪ واچوڙي وانگر آهي، جنهن ۾ سخت پارو هجي، جيڪو انهن ماڻهن جي پوک تي پوي،

اَنْفُسَهُمْ فَاَهْلَكَتْهُ ؕ وَمَا ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَلٰكِنْ اَنْفُسَهُمْ

جن پاڻ تي ظلم ڪيو، پوءِ ان کي ساڙي ناس ڪري ڇڏي ۽ الله مٿن ظلم نہ ڪيو، پر اهي پاڻ تي پاڻ ظلم ڪري

يَظْلِمُوْنَ ﴿۱۱۷﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا بِطَانَةً مِّنْ

رهيا آهن ﴿۱۱۷﴾ اي ايمان وارو! پنهنجي مذهب وارن کان سواءِ (ڌارين کي) رازدار نہ بڻايو. اهي توهان کي نقصان پهچائڻ ۾

دُوْنِكُمْ لَا يَاْلُوْنَكُمْ خَبَالًا ؕ وَدُّوْا مَا عَنِتُّمْ ۚ قَدْ بَدَتِ

فساد پکيڙڻ ۾ ڪا ڪوتاهي نٿا ڇڏين. توهان کي جيڪا تڪليف پهچي ٿي تنهن تي خوش ٿين ٿا. بيشڪ سندن واتن مان

الْبَغْضَآءُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْ ۖۚ وَمَا تُخْفِيْ صُدُوْرُهُمْ اَكْبَرُ ؕ قَدْ

سندن دشمني ظاهر ٿي چڪي ۽ سندن سينا جيڪي ڪجهه لڪائين ٿا، سو ان کان وڌو (۽ وڌيڪ) آهي (جيڪي اهي زبان

بَيَّنَّا لَكُمُ الْاٰيٰتِ اِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۱۸﴾ هٰٓاَنْتُمْ اُولَآءِ

سان ظاهر ڪن ٿا.) بيشڪ اسان توهان لاءِ آيتون روشن ڪيون آهن، جيڪڏهن توهان عقل کان ڪم وٺو ٿا ﴿۱۱۸﴾ اِهي اُهي آهن،

تُحِبُّوْنَهُمْ وَلَا يُحِبُّوْنَكُمْ وَتُؤْمِنُوْنَ بِالْكِتٰبِ كُلِّهٖ ۚ وَاِذَا لَقُوْكُمْ

جن سان توهان دوستي رکو ٿا ۽ اهي توهان سان دوستي نٿا رکن ۽ توهان الله جي پوري ڪتاب تي ايمان رکو ٿا ۽

قَالُوْٓا اٰمَنَّا ۚ وَاِذَا خَلَوْا عَضُّوْا عَلَيْكُمُ الْاَنَامِلَ مِنَ الْغَيْظِ ؕ قُلْ

جڏهن توهان سان ملن ٿا، چون ٿا ته ايمان آندوسون ۽ جڏهن الڳ ٿين ٿا ته ڪاوڙ وچان پنهنجين آڱرين کي ڪرٽين ٿا. چؤ

مُوْتُوْا بِغَيْظِكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۱۱۹﴾ اِنْ تَمْسَسْكُمْ

ته پنهنجي ڪاوڙ ۾ (ڦاٽي) مرو، بيشڪ الله سينن جا راز به ڄاڻندڙ آهي ﴿۱۱۹﴾ جيڪڏهن توهان کي ڪا ڀلائي پهچي ٿي ته

حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۫ وَاِنْ تُصِبْكُمْ سَيِّئَةٌ يَّفْرَحُوْا بِهَا ؕ وَاِنْ

کين رنج ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن توهان کي ڪا مصيبت پهچي ٿي ته ان تي خوش ٿين ٿا ۽ جيڪڏهن توهان (سندن ايذائن

تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا لَا يَضُرُّكُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا

تي) صبر ڪندا ۽ (ساڻن ميل جول رکڻ کان) بچندا ته سندن مڪر توهان کي ڪو نقصان نه ڏيندو. جيڪي ڪجهه اهي ڪن

يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿۱۲۰﴾ ع وَاِذْ غَدَوْتَ مِنْ اَهْلِكَ تُبَوِّئُ الْمُؤْمِنِيْنَ ع ۱۲/۱۱/۴

ٿا، بيشڪ الله تنهن کي ڄاڻي ٿو ﴿۱۲۰﴾ ۽ جڏهن صبح سوير پنهنجي (يعني عائشه رضي الله عنها جي) گهر مان مؤمنن کي

مَقَاعِدَ لِلْقِتَالِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۲۱﴾ ۙ اِذْ هَمَّتْ طَّآئِفَتٰنِ مِنْكُمْ

جنگ لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ نڪتين ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي ﴿۱۲۱﴾ جڏهن توهان مان ٻن ٽولين (بنو حارث ۽ بنو سلمه جنگ کان) بددل

اَنْ تَفْشَلَا ۙ وَاللّٰهُ وَلِيُّهُمَا ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۲۲﴾

ٿيڻ جو ارادو ڪيو ۽ الله سندن دوست آهي (ڪين موٽڻ جو سوچڻ نه گهرجي) ۽ مؤمنن کي الله تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي ﴿۱۲۲﴾

وَلَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ بِبَدْرٍ وَّاَنْتُمْ اَذِلَّةٌ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ

۽ بيشڪ الله بدر (جي جنگ ۾) توهان جي مدد ڪري چڪو آهي، جڏهن توهان هيٺا (۽ هٿيارن کان سواءِ) هئا، پوءِ الله

تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۲۳﴾ اِذْ تَقُوْلُ لِلْمُؤْمِنِيْنَ اَلَنْ يَّكْفِيَكُمْ اَنْ يُّمِدَّكُمْ رَبُّكُمْ

کان ڊڄو مَنَ شڪر ڪريو ﴿۱۲۳﴾ (اي محمد ﷺ!) جڏهن مؤمنن کي چئي رهيو هئين ته ڇا توهان لاءِ (اها ڳالهه) ڪافي نه

بِثَلٰثَةِ اٰلٰفٍ مِّنَ الْمَلٰٓىِٕكَةِ مُنْزَلِيْنَ ﴿١٢٤﴾ بَلٰٓى ۙ اِنْ تَصْبِرُوْا

آهي تہ توهان جو ربّ (پنهنجي طرفان) لاٿل ٽن هزار فرشتن سان توهان جي مدد ڪري؟ ﴿١٢٤﴾ هائو! جيڪڏهن توهان صبر

الربع وَتَتَّقُوْا وَيَاْتُوْكُمْ مِّنْ فَوْرِهِمْ هٰذَا يُمْدِدْكُمْ رَبُّكُمْ بِخَمْسَةِ

ڪندا ۽ (رسول الله ﷺ جن جي مخالفت کان) بچندا ۽ اهي (ڪافر ڪاوڙ وچان) هڪدم توهان تي ڪاهي ايندا تہ توهان جو

اٰلٰفٍ مِّنَ الْمَلٰٓىِٕكَةِ مُسَوِّمِيْنَ ﴿١٢٥﴾ وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى

ربّ نشان لڳل پنج هزار فرشتن سان توهان جي مدد ڪندو ﴿١٢٥﴾ ۽ الله تعاليٰ توهان لاءِ انهيءَ (امداد) کي رڳو خوشخبري

لَكُمْ وَلِتَطْمَىِٕنَّ قُلُوْبُكُمْ بِهٖ ؕ وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ

بڻايو تہ جيئن ان جي ذريعي توهان جي دلين کي اطمينان (۽ آرام) نصيب ٿئي ۽ مدد رڳو غالب حڪمت واري الله

الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿١٢٦﴾ ۙ لِيَقْطَعَ طَرَفًا مِّنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْ يَكْبِتَهُمْ

جي طرفان آهي ﴿١٢٦﴾ (توهان کي مدد ڏنائين) تہ جيئن ڪافرن جي هڪڙي ٽوليءَ کي هلاڪ ڪري يا کين (شڪست

فَيَنْقَلِبُوْا خَآىِٕبِيْنَ ﴿١٢٧﴾ لَيْسَ لَكَ مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ اَوْ يَتُوْبَ

ڏئي) خوار ڪري، پوءِ نامراد ٿي موٽن ﴿١٢٧﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) معاملي ۾ توکي اختيار نہ آهي، الله يا تہ کين توبه جي

عَلَيْهِمْ اَوْ يُعَذِّبَهُمْ فَاِنَّهُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿١٢٨﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا

توفيق ڏيندو يا مٿن عذاب ڪندو، پوءِ بيشڪ اهي ظالم آهن ﴿١٢٨﴾ جيڪي ڪجهہ آسمانن ۾ ۽ جيڪي ڪجهہ زمين ۾

فِى الْاَرْضِ ؕ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ

آهي، سو سڀ الله جو آهي. اهو جنهن جي چاهي ٿو، مغفرت فرمائي ٿو ۽ جنهن کي چاهي ٿو، عذاب ڪري ٿو

ع ١٣ ٩ ١٤ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢٩﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوا الرِّبٰوٓا اَضْعَافًا

۽ الله تعاليٰ بخشڻهار رحم ڪندڙ آهي ﴿١٢٩﴾ اي ايمان وارو! ٻيڻو چوڻو وياج وٺي نہ کائو (يعني وياج

مُّضٰعَفَةً ۠ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ ۚ﴿۱۳۰﴾ وَاتَّقُوا النَّارَ

متان ويا ج نہ وٺو) ۽ الله کان ڊڄو مَنَ توهان ڪاميابي حاصل ڪريو ﴿۱۳۰﴾ ۽ بچو انهيءَ (دوزخ جي)

الَّتِىۡۤ اُعِدَّتۡ لِلۡكٰفِرِيۡنَ ۚ﴿۱۳۱﴾ وَاَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَ الرَّسُوۡلَ لَعَلَّكُمۡ

باھ کان جيڪا ڪافرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي ﴿۱۳۱﴾ ۽ فرمانبرداري ڪريو الله جي ۽ (سندس) رسولَ (ﷺ) جي، مَنَ

تُرۡحَمُوۡنَ ۚ﴿۱۳۲﴾ وَسَارِعُوۡۤا اِلٰى مَغۡفِرَةٍ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَجَنَّةٍ عَرۡضُهَا

توهان تي رحم ڪيو وڃي ﴿۱۳۲﴾ ۽ پنهنجي ربّ جي مغفرت (جي سببن) ۽ جنت ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ جلدي ڪريو، جنهن

السَّمٰوٰتُ وَالۡاَرۡضُ ۙ اُعِدَّتۡ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ۙ﴿۱۳۳﴾ الَّذِيۡنَ يُنۡفِقُوۡنَ

جي ڪشادگي آسمانن ۽ زمين جيتري آهي، پرهيزگارن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي ﴿۱۳۳﴾ (اهي پرهيزگار) جيڪي سک

فِى السَّرَّآءِ وَالضَّرَّآءِ وَالۡكٰظِمِيۡنَ الۡغَيۡظَ وَالۡعَافِيۡنَ عَنِ

۽ ڏک ۾ مال خرچ ڪن ٿا ۽ ڪاوڙ ڪي ڪائين ٿا ۽ ماڻهن ڪي (يعني ٻانهن جون غلطيون ۽ سندن گناهَ) معاف ڪن ٿا ۽

النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ۚ﴿۱۳۴﴾ وَالَّذِيۡنَ اِذَا فَعَلُوۡا

الله نيڪي ڪندڙن ڪي پسند ڪري ٿو ﴿۱۳۴﴾ ۽ جڏهن اهي بيحيائيءَ جو ڪو ڪم ڪندا آهن، يا پنهنجن نفسن تي

فَاحِشَةً اَوۡ ظَلَمُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ ذَكَرُوا اللّٰهَ فَاسۡتَغۡفَرُوۡا

ظلم ڪندا آهن تہ الله (جي عذاب) ڪي ياد ڪندا آهن، پوءِ پنهنجن گناهن جي بخشش گهرندا آهن ۽ الله کان

لِذُنُوۡبِهِمۡ ۠ وَمَنۡ يَّغۡفِرُ الذُّنُوۡبَ اِلَّا اللّٰهُ ۠ۗ وَلَمۡ يُصِرُّوۡا

سواءِ گناهن ڪي ڪير بخشي ٿو ۽ جيڪي (گناه) ڪندا آهن، تن تي ضد نہ ڪندا آهن ۽ اهي ڄاڻندا آهن (تہ الله

عَلٰى مَا فَعَلُوۡا وَهُمۡ يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۳۵﴾ اُولٰٓئِكَ جَزَآؤُهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ

تعالىٰ کان سواءِ ڪو بخشڻهار نہ آهي) ﴿۱۳۵﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن جو بدلو سندن ربّ جي طرفان بخشش ۽ جنتون

مِّنْ رَّبِّهِمْ وَجَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ

آهن، جن (جي وڻن ۽ محلات) جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. منجهن سدائين رهندڙ آهن ۽ (نيڪ) عمل ڪرڻ وارن

فِيْهَا ؕ وَنِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ ﴿۱۳۶﴾ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِكُمْ سُنَنٌ ۙ

لاءِ (جنت) ڏاڍو چڱو اجر آهي ﴿۱۳۶﴾ بيشڪ توهان کان اڳين (امتن ۾ بدعملين تي مهلت ڏيڻ جا) طريقا گذري چڪا

فَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿۱۳۷﴾

آهن، پوءِ زمين ۾ گهمي ڦري ڏسو ته (خدا ۽ سندس پيغمبر عليه السلام کي) ڪوڙو ڪندڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ ﴿۱۳۷﴾

هٰذَا بَيَانٌ لِّلنَّاسِ وَهُدًى وَّمَوْعِظَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۳۸﴾ وَلَا تَهِنُوْا

هيءُ (قرآن) ماڻهن لاءِ بيان ۽ پرهيزگارن لاءِ هدايت ۽ نصيحت آهي ﴿۱۳۸﴾ ۽ (جهاد ۽ دين ۾) ڪمزوري

وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۳۹﴾ اِنْ

نه ڏيکاريو ۽ غم نه ڪريو ۽ (آخرڪار) توهان ئي سربلند آهيو، جيڪڏهن مؤمن آهيو ﴿۱۳۹﴾ جيڪڏهن (احد جي جنگ ۾)

يَّمْسَسْكُمْ قَرْحٌ فَقَدْ مَسَّ الْقَوْمَ قَرْحٌ مِّثْلُهٗ ؕ وَتِلْكَ الْاَيَّامُ

توهان کي تڪليف پهتي آهي ته پوءِ بيشڪ (بدر جي جنگ ۾ ڪافرن) کي به اهڙي تڪليف پهتي آهي ۽ اسان انهن

نُدَاوِلُهَا بَيْنَ النَّاسِ ۚ وَلِيَعْلَمَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَيَتَّخِذَ

ڏينهن کي ماڻهن جي وچ ۾ ڦيرائيندا آهيون، جيئن الله جدا ڪري انهن کي، جن (اخلاص سان) ايمان آندو ۽ توهان

مِنْكُمْ شُهَدَآءَ ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۴۰﴾ ۙ وَلِيُمَحِّصَ اللّٰهُ

مان هڪڙي جماعت کي شهادت جو درجو ڏئي (عزت بخشي) ۽ الله ظالمن کي دوست نٿو رکي ﴿۱۴۰﴾ ۽ جيئن الله مؤمنن

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَيَمْحَقَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۴۱﴾ اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا

کي (شهادت يا زخمن يا تڪليف جي ذريعي گناهن کان) پاڪ ڪري ۽ ڪافرن جي پاڙ پٽي ڇڏي ﴿۱۴۱﴾ يا ڀانيو ٿا ته توهان

الْجَنَّةَ وَلَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ جٰهَدُوْا مِنْكُمْ وَيَعْلَمَ

(اٿين ٿي) جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ الله (بين جي پيٽ ۾) انهن کي ناهي ڄاتو جن توهان مان جهاد ڪيو ۽ (بي صبرن جي

الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٤٢﴾ وَلَقَدْ كُنْتُمْ تَمَنَّوْنَ الْمَوْتَ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَلْقَوْهُ ص

پيٽ ۾) صبر ڪندڙن کي به ڄاڻي ﴿١٤٢﴾ ۽ بيشڪ توهان موت جي ملاقات کان اڳ ان جي تمنا ڪندا هئا، پوءِ بيشڪ

فَقَدْ رَاَيْتُمُوْهُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ع ﴿١٤٣﴾ وَمَا مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوْلٌ ج ١٤ ع ١٤ ٥

توهان ان کي ڏسي چڪا آهيو ۽ توهان (پنهنجين اکين سان) نهاري رهيا هئا ﴿١٤٣﴾ ۽ محمد (ﷺ) ته رڳو هڪ رسول آهي.

قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ ط اَفَاۡىِٕنْ مَّاتَ اَوْ قُتِلَ انْقَلَبْتُمْ عَلٰٓى

ڪانئس اڳ به رسول گذري چڪا آهن. ڇا پوءِ جيڪڏهن (محمد ﷺ) گذاري وڃي يا قتل ڪيو وڃي ته توهان پنهنجين

اَعْقَابِكُمْ ط وَمَنْ يَّنْقَلِبْ عَلٰى عَقِبَيْهِ فَلَنْ يَّضُرَّ اللّٰهَ شَيْـًٔا ط وَ

ڪڙين ڀر (يعني ڪفر ڏانهن) موٽي ويندا؟ ۽ جيڪو پنهنجين ڪڙين ڀر موٽندو ته هرگز الله کي نقصان نه پهچائيندو ۽ الله

سَيَجْزِى اللّٰهُ الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٤٤﴾ وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تَمُوْتَ اِلَّا

شڪر ڪندڙن کي سگهوئي بدلو ڏيندو ﴿١٤٤﴾ ۽ ڪنهن نفس کي نٿو جڳائي ته الله جي حڪم کان سواءِ مري. (موت جو

بِاِذْنِ اللّٰهِ كِتٰبًا مُّؤَجَّلًا ط وَمَنْ يُّرِدْ ثَوَابَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ

وقت) مقرر مدت تائين لکيل آهي ۽ جيڪو شخص دنيا جو ثواب گهرندو، تنهن کي انهيءَ مان ڏينداسون ۽ جيڪو

مِنْهَا ج وَمَنْ يُّرِدْ ثَوَابَ الْاٰخِرَةِ نُؤْتِهٖ مِنْهَا ط وَسَنَجْزِى الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٤٥﴾

آخرت جو ثواب گهرندو، تنهن کي انهيءَ مان ڏينداسون ۽ سگهوئي شڪر ڪندڙن کي بدلو ڏينداسون ﴿١٤٥﴾

وَكَاَيِّنْ مِّنْ نَّبِيٍّ قٰتَلَ لا مَعَهٗ رِبِّيُّوْنَ كَثِيْرٌ ج فَمَا وَهَنُوْا لِمَآ

۽ ڪيترا ئي نبي هئا جن سان گڏجي گهڻن الله وارن جنگ ڪئي. پوءِ ڪين الله جي واٽ ۾ جيڪا مصيبت پهتي،

اَصَابَهُمْ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ وَمَا ضَعُفُوْا وَ مَا اسْتَكَانُوْا ؕ وَ اللّٰهُ

ان تي نہ اهي سست ٿيا ۽ نہ ڪمزور ٿيا ۽ نہ انهن (ڪافرن جي مقابلي ۾) هيٺائي ڏيکاري ۽ الله

یُحِبُّ الصّٰبِرِیْنَ ﴿۱۴۶﴾ وَمَا كَانَ قَوْلَهُمْ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْا رَبَّنَا

صبر ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو ﴿۱۴۶﴾ انهيءَ حالت ۾ سندن قول رڳو هيءُ هو تہ رب اسان جا! اسان جي

اغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَ اِسْرَافَنَا فِیْۤ اَمْرِنَا وَ ثَبِّتْ اَقْدَامَنَا

گناهن ۽ اسان جي ڪمن ۾ ڪوتاهين کي بخش ۽ (پنهنجي قوت ۽ مدد سان) اسان کي ثابت قدم رک ۽

وَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِیْنَ ﴿۱۴۷﴾ فَاٰتٰىهُمُ اللّٰهُ ثَوَابَ الدُّنْیَا وَ

ڪافر قوم جي مقابلي ۾ اسان جي مدد فرماءِ ﴿۱۴۷﴾ پوءِ الله تعاليٰ ڪين دنيا جو ثواب بہ عطا فرمايو

۱۵ ع ۵ ۶ حُسْنَ ثَوَابِ الْاٰخِرَةِ ؕ وَاللّٰهُ یُحِبُّ الْمُحْسِنِیْنَ ﴿۱۴۸﴾ ع یٰۤاَیُّهَا

۽ آخرت جو سهڻو اجر (بہ عطا فرمايو) ۽ الله احسان ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو ﴿۱۴۸﴾ اي ايمان وارو!

الَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تُطِیْعُوا الَّذِیْنَ كَفَرُوْا یَرُدُّوْكُمْ عَلٰۤى اَعْقَابِكُمْ

جيڪڏهن ڪافرن جو چيو مڃيندا تہ توهان کي پنهنجين ڪڙين پر پوئتي موٽائي ڇڏيندا، پوءِ توهان ڦري نقصان

فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِیْنَ ﴿۱۴۹﴾ بَلِ اللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ وَهُوَ خَیْرُ النّٰصِرِیْنَ ﴿۱۵۰﴾

پوڳڻ وارا ٿي پوندا ﴿۱۴۹﴾ بلڪ توهان جو دوست الله ئي آهي ۽ اهو ئي بهترين مدد ڪندڙ آهي ﴿۱۵۰﴾

سَنُلْقِیْ فِیْ قُلُوْبِ الَّذِیْنَ كَفَرُوا الرُّعْبَ بِمَاۤ اَشْرَكُوْا بِاللّٰهِ مَا لَمْ

سگهوئي ڪافرن جي دلين ۾ رعب وجهنداسون جو انهن الله تعاليٰ سان انهن شين کي شريڪ ڪيو آهي، جن

یُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا ۚ وَ مَاْوٰىهُمُ النَّارُ ؕ وَ بِئْسَ مَثْوَى الظّٰلِمِیْنَ ﴿۱۵۱﴾

لاءِ الله تعاليٰ ڪو دليل نہ لاٿو آهي ۽ سندن موٽڻ جو ماڳ دوزخ آهي ۽ دوزخ ظالمن لاءِ ڏاڍو بڇڙو هنڌ آهي ﴿۱۵۱﴾

وَلَقَدْ صَدَقَكُمُ اللّٰهُ وَعْدَهٗۤ اِذْ تَحُسُّوْنَهُمْ بِاِذْنِهٖ ۚ حَتّٰۤى اِذَا

۽ بيشڪ الله تعاليٰ توهان سان پنهنجو وعدو سچو ڪري چڪو آهي، جڏهن توهان سندس حڪم سان ڪافرن جي پاڙ پٽي رهيا

فَشِلْتُمْ وَتَنَازَعْتُمْ فِى الْاَمْرِ وَعَصَيْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَاۤ اَرٰىكُمْ

هئا، تانجو جڏهن توهان ڪمزوري ڏيکاري ۽ معاملي ۾ جهڳڙو ڪيوَ ۽ جيڪا شيءِ (يعني جنگ ۾ سوڀ) توهان کي پسند

مَّا تُحِبُّوْنَ ؕ مِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الدُّنْيَا وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ

هئي، ان جي ڏسڻ کان پوءِ توهان پيغمبر جي حڪم جي نافرماني ڪئي. توهان مان ڪي دنيا کي پسند ڪري رهيا هئا ۽

الْاٰخِرَةَ ۚ ثُمَّ صَرَفَكُمْ عَنْهُمْ لِيَبْتَلِيَكُمْ ۚ وَلَقَدْ عَفَا عَنْكُمْ ؕ

ڪي آخرت کي پسند ڪري رهيا هئا. پوءِ (انهن جي مقابلي ۾) ڦيرائي توهان کي شڪست ڏنائين ته جيئن توهان کي آزمائي

وَاللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۵۲﴾ اِذْ تُصْعِدُوْنَ وَلَا تَلْوٗنَ

۽ بيشڪ الله توهان کي معاف ڪري چڪو ۽ الله مؤمنن تي وڏي فضل وارو آهي (١٥٢) جڏهن توهان ٽڪرين تي چڙهي رهيا هئا

عَلٰۤى اَحَدٍ وَّالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ فِىْۤ اُخْرٰىكُمْ فَاَثَابَكُمْ غَمًّۢا

۽ ڪنهن هڪ ڏانهن به منهن ڦيرائي ڏسي نه رهيا هئا ۽ رسول (سڳورو ﷺ) توهان کي پويان سڏي رهيو هو. پوءِ (الله

بِغَمٍّ لِّكَيْلَا تَحْزَنُوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ وَلَا مَاۤ اَصَابَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ

جي رسول ﷺ جي نافرماني ڪرڻ ۽ ڪين رنجائڻ جي ڪري) توهان تي غم جي مٿان غم جي پالوٽ ڪيائين،

خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۵۳﴾ ثُمَّ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ الْغَمِّ

ته جيئن توهان پنهنجي فوت ٿيل شيءِ (يعني مال غنيمت) ۽ (شڪست ۽ قتل جي صورت ۾) پهتل مصيبت تي غم نه ڪريو ۽
توهان جيڪي ڪجهه ڪريو ٿا، الله تعاليٰ ان جي خبر رکندڙ آهي (١٥٣) پوءِ انهيءَ غم کان پوءِ توهان تي سڪون بخش ننڊ لاٿائين،

اَمَنَةً نُّعَاسًا يَّغْشٰى طَآئِفَةً مِّنْكُمْ ۙ وَطَآئِفَةٌ قَدْ اَهَمَّتْهُمْ

جيڪا توهان مان هڪڙي جماعت تي ڇانئجي وئي ۽ بيشڪ هڪڙي جماعت کي سندن نفس غمگين ڪري ڇڏيو.

أَنْفُسُهُمْ يَظُنُّونَ بِاللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ ظَنَّ الْجَاهِلِيَّةِ ۖ يَقُولُونَ هَلْ

اهي الله جي باري ۾ ناحق جاهليت وارو گمان ڪن ٿا. چون ٿا ته ڇا اسان لاءِ انهيءَ معاملي ۾ ڪجهه اختيار

لَّنَا مِنَ الْأَمْرِ مِنْ شَيْءٍ ۗ قُلْ إِنَّ الْأَمْرَ كُلَّهُ لِلّٰهِ ۗ

آهي؟ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته معاملا سڀئي الله جي لاءِ آهن. جيڪا ڳالهه پنهنجين دلين ۾ لڪائي رهيا آهن، اها توتي

يُخْفُونَ فِي أَنْفُسِهِمْ مَا لَا يُبْدُونَ لَكَ ۖ يَقُولُونَ لَوْ كَانَ

پڌري نٿا ڪن. چون ٿا ته جيڪر اسان جي وس ۾ معاملي جو ڪجهه اختيار هجي ها ته اسان هتي قتل نه ٿيون ها.

لَنَا مِنَ الْأَمْرِ شَيْءٌ مَا قُتِلْنَا هَاهُنَا ۗ قُلْ لَوْ كُنْتُمْ فِي

(اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته جيڪڏهن توهان پنهنجن گهرن ۾ هوندا، تڏهن به جن ماڻهن جي باري ۾ قتل ٿيڻ لکيو ويو

بُيُوتِكُمْ لَبَرَزَ الَّذِينَ كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقَتْلُ إِلَىٰ مَضَاجِعِهِمْ ۖ

آهي، سي ضرور پنهنجن قتل جي هنڌن تي پهچندا ۽ جيئن الله تعالىٰ آزمائي انهن (رازن) کي، جيڪي

وَلِيَبْتَلِيَ اللّٰهُ مَا فِي صُدُورِكُمْ وَلِيُمَحِّصَ مَا فِي قُلُوبِكُمْ ۗ

توهان جي سينن ۾ آهن ۽ پاڪ ڪري توهان کي انهن ڳالهين کان جيڪي توهان جي دلين ۾ آهن ۽ الله تعالىٰ

وَاللّٰهُ عَلِيمٌ بِذَاتِ الصُّدُورِ ﴿١٥٤﴾ إِنَّ الَّذِينَ تَوَلَّوْا مِنْكُمْ

سينن جي رازن کي به ڄاڻندڙ آهي ﴿١٥٤﴾ (اي ايمان وارو) بيشڪ توهان مان ٻن لشڪرن جي مقابلي ۾ (احد جي) ڏينهن

يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعَانِ ۙ إِنَّمَا اسْتَزَلَّهُمُ الشَّيْطَانُ بِبَعْضِ مَا كَسَبُوا ۖ

جن ماڻهن پٺي ڦيرائي، تن کي شيطان سندن بعض ڪمن (يعني رسول الله ﷺ جي نافرمانيءَ) سبب ورغلايو ۽ بيشڪ

وَلَقَدْ عَفَا اللّٰهُ عَنْهُمْ ۗ إِنَّ اللّٰهَ غَفُورٌ حَلِيمٌ ﴿١٥٥﴾ ع يَا أَيُّهَا الَّذِينَ

الله کين معاف ڪري ڇڏيو. بيشڪ الله بخشڻهار بردبار (يعني گناهن جي سزا ڏيڻ ۾ دير ڪندڙ) آهي ﴿١٥٥﴾ اي ايمان وارو!

اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ قَالُوْا لِاِخْوَانِهِمْ اِذَا ضَرَبُوْا

انهن (منافقن) وانگر نہ ٿيو جيڪي ڪافر ٿيا ۽ جڏهن انهن زمين ۾ مسافري ڪئي (يا جنگ ۾ مئا) يا غازي ٿيا تہ پنهنجن

فِي الْاَرْضِ اَوْ كَانُوْا غُزًّى لَّوْ كَانُوْا عِنْدَنَا مَا مَاتُوْا وَمَا قُتِلُوْا ج

(نسبي) ڀائرن جي باري ۾ چيائون تہ جيڪڏهن اسان وٽ هجن ها تہ نہ مرن ها ۽ قتل نہ ٿين ها، جيئن

لِيَجْعَلَ اللّٰهُ ذٰلِكَ حَسْرَةً فِيْ قُلُوْبِهِمْ ط وَاللّٰهُ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ط

انهيءَ ڳالھ کي الله تعاليٰ منافقن جي دلين لاءِ غم جو سبب ڪري ۽ الله تعاليٰ جياري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ جيڪي

وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿١٥٦﴾ وَلَئِنْ قُتِلْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَوْ مُتُّمْ

ڪجھ توهان ڪريو ٿا، الله ان کي ڏسندڙ آهي ﴿١٥٦﴾ ۽ جيڪڏهن توهان الله جي واٽ ۾ قتل ڪيا ويا، يا ماريا ويا تہ البت

لَمَغْفِرَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَحْمَةٌ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿١٥٧﴾ وَلَئِنْ مُّتُّمْ

الله جي بخشش ۽ رحمت انهن (شين) کان چڱي آهي جن کي اهي گڏ ڪن ٿا ﴿١٥٧﴾ ۽ جيڪڏهن توهان ماريا

اَوْ قُتِلْتُمْ لَاِالَى اللّٰهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿١٥٨﴾ فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ

ويا، يا قتل ڪيا ويا تہ الله ڏانهن ئي توهان کي گڏ ڪيو ويندو ﴿١٥٨﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ!) الله جي رحمت سبب تون سندن لاءِ

لَهُمْ ج وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ ص

نرم (۽ سهڻن اخلاقن وارو) ٿيو آهين ۽ جيڪڏهن سخت ڳالهائيندڙ ۽ سخت دل هجين ها تہ جيڪي ماڻھو تنهنجي

فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاسْتَغْفِرْ لَهُمْ وَشَاوِرْهُمْ فِي الْاَمْرِ ج فَاِذَا

چوڌاري آهن، البت اهي ڇڙوڇڙ ٿي وڃن ها. پوءِ کين معاف ڪر ۽ سندن لاءِ بخشش گهر ۽ ڪمن ۾ ساڻن مشورو ڪر. پوءِ

عَزَمْتَ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ط اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِيْنَ ﴿١٥٩﴾

جڏهن (ڪنهن ڪم جو) پڪو ارادو ڪرين تہ الله تي ڀروسو ڪر. بيشڪ الله ڀروسو ڪندڙن کي پسند فرمائي ٿو ﴿١٥٩﴾

إِنْ يَّنْصُرْكُمُ اللّٰهُ فَلَا غَالِبَ لَكُمْ ۚ وَإِنْ يَّخْذُلْكُمْ فَمَنْ ذَا

جيڪڏهن الله توهان جي مدد فرمائيندو ته پوءِ توهان تي ڪو غالب نه ايندو ۽ جيڪڏهن توهان کي مدد نه ڏيندو ته

الَّذِىْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْۢ بَعْدِهٖ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۶۰﴾

پوءِ ان کان بعد ڪير آهي جيڪو توهان جي مدد ڪري؟ ۽ مؤمنن کي الله تعاليٰ تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي ﴿۱۶۰﴾

وَمَا كَانَ لِنَبِىٍّ اَنْ يَّغُلَّ ؕ وَمَنْ يَّغْلُلْ يَاْتِ بِمَا غَلَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ

۽ ڪنهن نبيءَ جو شان نه آهي ته خيانت ڪري ۽ جيڪو خيانت ڪندو، سو قيامت جي ڏينهن خيانت واري شيءِ

ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۱۶۱﴾ اَفَمَنِ

ساڻ آڻيندو. پوءِ هر نفس کي سندس ڪمائيءَ جو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ مٿن ظلم نه ڪيو ويندو ﴿۱۶۱﴾ ڇا پوءِ جنهن شخص

اتَّبَعَ رِضْوَانَ اللّٰهِ كَمَنْۢ بَآءَ بِسَخَطٍ مِّنَ اللّٰهِ وَمَاْوٰىهُ

الله جي رضامنديءَ (جي ڪمن) جي پيروي ڪئي، سو ان وانگر آهي، جيڪو الله جي ناراضگيءَ ڏانهن موٽيو ۽ سندس

جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿۱۶۲﴾ هُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ

جاءِ دوزخ آهي ۽ (اها) موٽڻ جي بڇڙي جاءِ آهي ﴿۱۶۲﴾ الله وٽ (سندس پيروي ڪندڙن) لاءِ درجا آهن ۽ جيڪي ڪم اهي

بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۶۳﴾ لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ

ڪن ٿا، تن کي الله ڏسندڙ آهي ﴿۱۶۳﴾ بيشڪ الله مؤمنن تي احسان فرمايو جڏهن منجهن سندن ئي جنس (يعني بشريت)

رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ

مان هڪ رسول (سڳوري ﷺ) کي موڪليائين، جيڪو مٿن سندس آيتون پڙهي ٿو ۽ کين پاڪ ڪري ٿو ۽ کين ڪتاب ۽ حڪمت

الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۚ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۱۶۴﴾ اَوَلَمَّآ

سيکاري ٿو ۽ جيتوڻيڪ اهي ان کان اڳ پڌري گمراهيءَ ۾ هئا ﴿۱۶۴﴾ ڇا پوءِ جڏهن (احد جي جنگ ۾) توهان کي مصيبت

النصف

أَصَابَتْكُمْ مُّصِيبَةٌ قَدْ أَصَبْتُمْ مِّثْلَيْهَا ۙ قُلْتُمْ أَنَّىٰ هَٰذَا ۖ قُلْ

پهتي (۽) بيشڪ ان کان ٻيڻي مصيبت توهان (بدر جي جنگ ۾ ڪافرن کي) پهچائي چڪا آهيو ته توهان

هُوَ مِنْ عِنْدِ أَنْفُسِكُمْ ۗ إِنَّ اللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿١٦٥﴾ وَمَا

چيو ته اها (مصيبت) ڪٿان آئي؟ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته اها توهان جي پنهنجن نفسن جي طرفان آهي (جو توهان مقرر ڪيل جاءِ تان
هٽي، دراصل توهان رسول الله ﷺ جن جي نافرماني ڪئي.) بيشڪ الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ﴿١٦٥﴾ ۽ ٻن لشڪرن

أَصَابَكُمْ يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعَانِ فَبِإِذْنِ اللَّهِ وَلِيَعْلَمَ الْمُؤْمِنِينَ ﴿١٦٦﴾

جي مقابلي جي ڏينهن، (يعني احد جي جنگ ۾) جيڪا مصيبت توهان کي پهتي، سا الله تعاليٰ جي حڪم سان آهي ۽ جيئن
(الله) مؤمنن کي ڄاڻي (يعني آزمائي ۽ صبر ۽ ثابت قدميءَ جي ذريعي انهن کي منافقن کان جدا ڪري) ﴿١٦٦﴾

وَلِيَعْلَمَ الَّذِينَ نَافَقُوا ۚ وَقِيلَ لَهُمْ تَعَالَوْا قَاتِلُوا فِي

۽ جيئن منافقن کي ڄاڻي (يعني ڪين مؤمنن کان جدا ڪري.) جڏهن ڪين چيو ويو ته اچو الله جي واٽ ۾ وڙهو يا (ڪافرن

سَبِيلِ اللَّهِ أَوِ ادْفَعُوا ۖ قَالُوا لَوْ نَعْلَمُ قِتَالًا لَاتَّبَعْنَاكُمْ ۗ هُمْ

سان) مقابلو ڪريو. انهن چيو ته جيڪڏهن اسين جنگ ڪرڻ ڄاڻون ها ته البت ضرور توهان جي پيروي ڪريون ها. ان

لِلْكُفْرِ يَوْمَئِذٍ أَقْرَبُ مِنْهُمْ لِلْإِيمَانِ ۚ يَقُولُونَ بِأَفْوَاهِهِمْ

ڏينهن اهي ايمان جي ڀيٽ ۾ ڪفر کي وڌيڪ ويجهو هئا. پنهنجن واتن سان اها ڳالهه چون ٿا، جيڪا سندن دلين ۾ نه آهي

مَا لَيْسَ فِي قُلُوبِهِمْ ۗ وَاللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا يَكْتُمُونَ ﴿١٦٧﴾ الَّذِينَ قَالُوا

۽ جيڪي ڪجهه لڪائين ٿا، الله ان کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي ﴿١٦٧﴾ (اهي ماڻهو) جن پنهنجن (منافق) ڀائرن کي چيو ۽

لِإِخْوَانِهِمْ وَقَعَدُوا لَوْ أَطَاعُونَا مَا قُتِلُوا ۗ قُلْ فَادْرَءُوا عَنْ

(پاڻ به جهاد ڪرڻ کان) ويهي رهيا ته جيڪڏهن (مؤمن) اسان جي تابعداري ڪن ها ته قتل نه ڪيا وڃن ها. فرماءِ ته

أَنْفُسِكُمُ الْمَوْتَ إِنْ كُنْتُمْ صَادِقِينَ ﴿١٦٨﴾ وَلَا تَحْسَبَنَّ الَّذِينَ

پوءِ پاڻ کي موت کان بچايو جيڪڏهن سچا آهيو ﴿١٦٨﴾ ۽ جيڪي ماڻهو الله جي واٽ ۾ قتل ڪيا ويا آهن، تن کي

قُتِلُوۡا فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰہِ اَمۡوَاتًا ؕ بَلۡ اَحۡیَآءٌ عِنۡدَ رَبِّہِمۡ یُرۡزَقُوۡنَ ﴿۱۶۹﴾ۙ

هرگز مئل نہ ڀانءِ. بلڪ پنهنجي ربّ وٽ جيئرا آهن، کين (بهشت جي نعمتن مان) روزي ڏني وڃي ٿي ﴿۱۶۹﴾

فَرِحِیۡنَ بِمَاۤ اٰتٰہُمُ اللّٰہُ مِنۡ فَضۡلِہٖ ۙ وَ یَسۡتَبۡشِرُوۡنَ بِالَّذِیۡنَ لَمۡ

جيڪي ڪجهہ کين الله تعالىٰ پنهنجي فضل مان عطا ڪيو آهي، تنهن تي خوش آهن ۽ جيڪي (مؤمن) سندن پويان

وقف لازم

یَلۡحَقُوۡا بِہِمۡ مِّنۡ خَلۡفِہِمۡ ۙ اَلَّا خَوۡفٌ عَلَیۡہِمۡ وَ لَا ہُمۡ یَحۡزَنُوۡنَ ﴿۱۷۰﴾ۘ

آهن ۽ ساڻن اڃا نہ مليا آهن، تن کي خوشخبري ڏين ٿا تہ نہ سندن لاءِ ڪو خوف آهي ۽ نڪي اهي غمگين ٿيندا ﴿۱۷۰﴾

یَسۡتَبۡشِرُوۡنَ بِنِعۡمَۃٍ مِّنَ اللّٰہِ وَ فَضۡلٍ ۙ وَّ اَنَّ اللّٰہَ لَا یُضِیۡعُ اَجۡرَ

الله تعالىٰ جي نعمتن ۽ فضل تي خوشيون ڪري رهيا آهن ۽ هيءَ تہ الله مؤمنن جو اجر ضايع

ع ۱۷

الۡمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿۱۷۱﴾ۚۛ اَلَّذِیۡنَ اسۡتَجَابُوۡا لِلّٰہِ وَ الرَّسُوۡلِ مِنۡۢ بَعۡدِ مَاۤ

نہ ڪندو آهي ﴿۱۷۱﴾ (اهي مؤمن) جن مصيبت ۽ غم جي پهچڻ کان پوءِ الله ۽ رسول الله ﷺ جن جي

مع عند المتقدمين

اَصَابَہُمُ الۡقَرۡحُ ؕۛ لِلَّذِیۡنَ اَحۡسَنُوۡا مِنۡہُمۡ وَ اتَّقَوۡا اَجۡرٌ عَظِیۡمٌ ﴿۱۷۲﴾ۚ

سڏ کي قبول ڪيو، انهن مان جن چڱا ڪم ڪيا ۽ پرهيزگاري اختيار ڪيائون، تن لاءِ وڏو اجر آهي ﴿۱۷۲﴾

اَلَّذِیۡنَ قَالَ لَہُمُ النَّاسُ اِنَّ النَّاسَ قَدۡ جَمَعُوۡا لَکُمۡ فَاخۡشَوۡہُمۡ

(يعني) جن کي ماڻهن چيو تہ بيشڪ ڪافر توهان سان وڙهڻ لاءِ گڏ ٿيا آهن، پوءِ انهن کان ڊڄو تہ انهيءَ ڳالهہ کين

فَزَادَہُمۡ اِیۡمَانًا ٭ۖ وَّ قَالُوۡا حَسۡبُنَا اللّٰہُ وَ نِعۡمَ الۡوَکِیۡلُ ﴿۱۷۳﴾ فَانۡقَلَبُوۡا

ايمان ۾ وڌايو ۽ چيائون تہ اسان لاءِ الله ئي ڪافي آهي ۽ اهوئي بهترين ڪارساز آهي ﴿۱۷۳﴾ پوءِ اهي الله جي

بِنِعۡمَۃٍ مِّنَ اللّٰہِ وَ فَضۡلٍ لَّمۡ یَمۡسَسۡہُمۡ سُوۡٓءٌ ۙ وَّ اتَّبَعُوۡا رِضۡوَانَ

نعمت ۽ فضل سان موٽيا (جنهن ۾ ڪنهن قسم جي) ڪين ڪا تڪليف نہ پهتي ۽ الله جي رضا جي پيروي ڪيائون ۽ الله

اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَظِيْمٍ ﴿١٧٤﴾ اِنَّمَا ذٰلِكُمُ الشَّيْطٰنُ يُخَوِّفُ اَوْلِيَآءَهٗ ۪

تعاليٰ وڏي فضل وارو آهي ﴿١٧٤﴾ دراصل اهو توهان جو شيطان ئي آهي، جيڪو (توهان کي) پنهنجن ساٿين کان

فَلَا تَخَافُوْهُمْ وَخَافُوْنِ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٧٥﴾ وَلَا يَحْزُنْكَ

ڊيڄاري ٿو، پوءِ انهن کان نه ڊڄو ۽ مون (هڪ الله) کان ڊڄو جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو ﴿١٧٥﴾ ۽ جيڪي ماڻهو ڪفر ۾ ڊڪ

الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِي الْكُفْرِ ۚ اِنَّهُمْ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ

ڊوڙ ڪري رهيا آهن، اهي توکي غم ۾ نه وجهن. اهي هرگز الله کي ڪجهه به نقصان پهچائي نه

يُرِيْدُ اللّٰهُ اَلَّا يَجْعَلَ لَهُمْ حَظًّا فِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ

سگهندا. الله گهري ٿو ته آخرت ۾ سندن لاءِ ڪو پاڱو نه رکي ۽ سندن لاءِ (زبردست ۽) وڏو

عَظِيْمٌ ﴿١٧٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْكُفْرَ بِالْاِيْمَانِ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ

عذاب آهي ﴿١٧٦﴾ بيشڪ جن ماڻهن ايمان جي بدلي ۾ ڪفر کي خريد ڪيو، اهي هرگز الله کي ڪجهه به نقصان

شَيْـًٔا ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٧٧﴾ وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّمَا

ڏئي نه سگهندا ۽ سندن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿١٧٧﴾ ۽ جن ڪفر ڪيو، سي هرگز نه ڀائين ته جيڪا مهلت کين

نُمْلِيْ لَهُمْ خَيْرٌ لِّاَنْفُسِهِمْ ؕ اِنَّمَا نُمْلِيْ لَهُمْ لِيَزْدَادُوْٓا اِثْمًا ۚ

ڏيون ٿا، سا سندن لاءِ چڱي آهي. کين رڳو هن ڪري مهلت ڏيون ٿا ته جيئن گناهن ۾ وڌن ۽ سندن

وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿١٧٨﴾ مَا كَانَ اللّٰهُ لِيَذَرَ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلٰى

لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي ﴿١٧٨﴾ الله مؤمن (۽ منافقن) کي انهيءَ (مليل جليل) حالت ۾ ڇڏڻ وارو نه آهي،

مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ حَتّٰى يَمِيْزَ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ ؕ وَمَا كَانَ

جيستائين پليت ماڻهن (يعني منافقن) کي پاڪ (يعني مخلص مؤمنن) کان جدا ڪري ۽ اهو الله جو شان نه

اللّٰهُ لِيُطۡلِعَكُمۡ عَلَى الۡغَيۡبِ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ يَجۡتَبِىۡ مِنۡ رُّسُلِهٖ

آهي ته توهان کي ڳجهه تي واقف ڪري ۽ پر الله پنهنجن رسولن مان جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي

مَنۡ يَّشَآءُ ص فَاٰمِنُوۡا بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ ج وَاِنۡ تُؤۡمِنُوۡا وَ تَتَّقُوۡا

چونڊيندو آهي، پوءِ الله ۽ سندس رسولن تي ايمان آڻيو ۽ جيڪڏهن توهان ايمان آڻيندا ۽ پرهيزگاري ڪندا ته

فَلَكُمۡ اَجۡرٌ عَظِيۡمٌ ﴿۱۷۹﴾ وَلَا يَحۡسَبَنَّ الَّذِيۡنَ يَبۡخَلُوۡنَ بِمَآ

توهان لاءِ وڏو اجر آهي ﴿۱۷۹﴾ ۽ جيڪي ماڻهو الله جي ڏنل (مال ۾) بخيلي ڪن ٿا، سي هرگز نه ڀانئين ته

اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ هُوَ خَيۡرًا لَّهُمۡ ط بَلۡ هُوَ شَرٌّ لَّهُمۡ ط

اها بخيلي سندن لاءِ ڪا چڱي آهي، بلڪ اها سندن لاءِ بڇڙي آهي. جنهن (مال) ۾ بخيلي ڪن ٿا، سو سگهوئي

سَيُطَوَّقُوۡنَ مَا بَخِلُوۡا بِهٖ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ط وَلِلّٰهِ مِيۡرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَ

قيامت جي ڏينهن سندن ڳچين جو ڳٽ بڻايو ويندو ۽ آسمان ۽ زمين جي ميراث الله لاءِ آهي ۽ جيڪي ڪجهه

الۡاَرۡضِ ط وَ اللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ خَبِيۡرٌ ﴿۱۸۰﴾ ع لَقَدۡ سَمِعَ اللّٰهُ قَوۡلَ الَّذِيۡنَ ع ۱۸

توهان ڪريو ٿا، تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي ﴿۱۸۰﴾ بيشڪ الله تعاليٰ انهن (يهودين) جي ڳالهه ٻڌي، جيڪي

قَالُوۡۤا اِنَّ اللّٰهَ فَقِيۡرٌ وَّ نَحۡنُ اَغۡنِيَآءُ م سَنَكۡتُبُ مَا قَالُوۡا وَقَتۡلَهُمُ وقف لازم

چون ٿا ته الله فقير آهي ۽ اسين شاهوڪار آهيون. جيڪي ڪجهه انهن چيو ۽ (پڻ) سندن پيغمبرن جي

الۡاَنۡۢبِيَآءَ بِغَيۡرِ حَقٍّ لا وَّنَقُوۡلُ ذُوۡقُوۡا عَذَابَ الۡحَرِيۡقِ ﴿۱۸۱﴾ ذٰلِكَ بِمَا

ناحق قتل ڪي سگهوئي لکنداسون ۽ (ڪين) چونداسون ته ساڙيندڙ عذاب (جو مزو) چکو ﴿۱۸۱﴾ اهو آهي (اُهو عذاب)

قَدَّمَتۡ اَيۡدِيۡكُمۡ وَ اَنَّ اللّٰهَ لَيۡسَ بِظَلَّامٍ لِّلۡعَبِيۡدِ ﴿۱۸۲﴾ ج الَّذِيۡنَ

جيڪو توهان پنهنجن هٿن سان اڳتي موڪليو آهي ۽ هيءُ ته الله ٻانهن تي ظلم ڪندڙ نه آهي ﴿۱۸۲﴾ جيڪي (يهودي)

قَالُوۡۤا اِنَّ اللّٰهَ عَهِدَ اِلَيۡنَاۤ اَلَّا نُؤۡمِنَ لِرَسُوۡلٍ حَتّٰى يَاۡتِيَنَا

چون ٿا تہ بيشڪ الله اسان کان عهد ورتو آهي تہ ڪنهن رسول تي ايمان نہ آڻيون ، تانجو اسان وٽ ڪا قرباني آڻي، جنهن

بِقُرۡبَانٍ تَاۡكُلُهُ النَّارُ ؕ قُلۡ قَدۡ جَآءَكُمۡ رُسُلٌ مِّنۡ قَبۡلِىۡ بِالۡبَيِّنٰتِ

کي باهہ کائي. (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ تہ بيشڪ توهان وٽ مون کان اڳ ڪيترا رسول روشن نشانين ۽ انهيءَ (قربانيءَ) سان

وَ بِالَّذِىۡ قُلۡتُمۡ فَلِمَ قَتَلۡتُمُوۡهُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ۝١٨٣ فَاِنۡ

اچي چڪا آهن، جيڪا توهان چئي رهيا آهيو، پوءِ ڇو توهان انهن کي قتل ڪيو، جيڪڏهن سچا آهيو؟ ﴿١٨٣﴾ پوءِ

كَذَّبُوۡكَ فَقَدۡ كُذِّبَ رُسُلٌ مِّنۡ قَبۡلِكَ جَآءُوۡ بِالۡبَيِّنٰتِ وَالزُّبُرِ

(اي مُحَمَّدْ ﷺ!) جيڪڏهن (يهودين) تو کي ڪوڙو ڪيو تہ (غم نہ ڪر) بيشڪ تو کان اڳ ڪيترائي رسول ڪوڙا ڪيا ويا آهن، جن

وَالۡكِتٰبِ الۡمُنِيۡرِ ۝١٨٤ كُلُّ نَفۡسٍ ذَآئِقَةُ الۡمَوۡتِ ؕ وَاِنَّمَا تُوَفَّوۡنَ

روشن نشانيون ۽ صحيفا ۽ نوراني ڪتاب آندا ﴿١٨٤﴾ هر شخص موت جو مزو چکڻ وارو آهي ۽ بيشڪ توهان کي قيامت

اُجُوۡرَكُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ فَمَنۡ زُحۡزِحَ عَنِ النَّارِ وَ اُدۡخِلَ

جي ڏينهن توهان (جي عملن) جو پورو پورو اجر ڏنو ويندو. پوءِ جنهن کي باهہ کان بچايو ويو ۽ جنت ۾

الۡجَنَّةَ فَقَدۡ فَازَ ؕ وَمَا الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَاۤ اِلَّا مَتَاعُ الۡغُرُوۡرِ ۝١٨٥

داخل ڪيو ويو تہ بيشڪ انهيءَ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ دنيا جي زندگي تہ رڳو دوکي جو سامان آهي ﴿١٨٥﴾

لَتُبۡلَوُنَّ فِىۡۤ اَمۡوَالِكُمۡ وَ اَنۡفُسِكُمۡ قف وَلَتَسۡمَعُنَّ مِنَ الَّذِيۡنَ

(اي مؤمنو!) ضرور توهان کي توهانجن مالن (يعني فرضي زڪوٰة) ۾ توهان جي جانين کي (نماز، روزه، حج ۽ جهاد)

اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ مِنۡ قَبۡلِكُمۡ وَمِنَ الَّذِيۡنَ اَشۡرَكُوۡۤا اَذًى كَثِيۡرًا ؕ

ذريعي آزمايو ويندو ۽ جن کي توهان کان اڳ ڪتاب ڏنو ويو ۽ جن شرڪ ڪيو، انهن کان ضرور توهان گهڻيون تڪليف

وَاِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿۱۸۶﴾ وَاِذْ

وارِيون ڳالهيون ٻُڌندا ۽ جيڪڏهن صبر ڪندا ۽ پرهيزگاري ڪندا ته پوءِ بيشڪ اها ڳالهه همت وارن ڪمن مان آهي ﴿۱۸۶﴾ ۽

اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَتُبَيِّنُنَّهٗ لِلنَّاسِ

(ياد ڪر) جڏهن الله عهد ورتو انهن کان جن کي ڪتاب ڏنو ويو ته ضرور ماڻهن لاءِ ان کي بيان ڪندا ۽ ان کي نه

وَلَا تَكْتُمُوْنَهٗ ز فَنَبَذُوْهُ وَرَآءَ ظُهُوْرِهِمْ وَاشْتَرَوْا بِهٖ ثَمَنًا

لڪائيندا، پوءِ انهن، انهيءَ (عهد) کي پنهنجين پٺين جي پويان اڇلائي ڇڏيو ۽ ان جي ذريعي گهٽ مُلهه خريد

قَلِيْلًا ط فَبِئْسَ مَا يَشْتَرُوْنَ ﴿۱۸۷﴾ لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ يَفْرَحُوْنَ

ڪيائون، پوءِ ڏاڍي بڇڙي شيءِ آهي جيڪا اهي خريد ڪن ٿا ﴿۱۸۷﴾ هرگز نه ڀانءِ انهن کي جيڪي (الله جي)

بِمَآ اَتَوْا وَّيُحِبُّوْنَ اَنْ يُّحْمَدُوْا بِمَا لَمْ يَفْعَلُوْا فَلَا تَحْسَبَنَّهُمْ

ڏنل (مال ۽ دولت) تي خوش ٿين ٿا ۽ پسند ڪن ٿا ته جيڪي ڪم انهن نه ڪيا آهن، تن تي به سندن ساراهه ڪئي

بِمَفَازَةٍ مِّنَ الْعَذَابِ ج وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۸۸﴾ وَلِلّٰهِ مُلْكُ

وڃي، پوءِ ڪين عذاب کان آجو نه ڀانءِ ۽ سندن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿۱۸۸﴾ ۽ آسمانن ۽ زمين جي

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ط وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۱۸۹﴾ ع اِنَّ فِيْ خَلْقِ ع ۱۹ ۱۰

بادشاهي الله تعاليٰ لاءِ آهي ۽ الله هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو آهي ﴿۱۸۹﴾ بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي پيدا

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿۱۹۰﴾ لا

ڪرڻ ۾ ۽ هڪ ٻئي جي پويان رات ڏينهن جي اچڻ وڃڻ ۾ عقلمندن لاءِ يقينًا ڪيتريون ئي نشانيون آهن ﴿۱۹۰﴾

الَّذِيْنَ يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِهِمْ وَيَتَفَكَّرُوْنَ

جيڪي اٿندي ۽ ويهندي ۽ پنهنجن پاسن پر الله کي ياد ڪن ٿا ۽ آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۾ سوچ ويچار

فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۚ رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا ۚ

کن ٿا (۽ چون ٿا تہ) ربّ اسان جا! هيءَ (ڪائنات) تو اجائي پيدا نہ ڪئي آهي. تون پاڪ آهين، پوءِ اسان کي باهہ

سُبْحٰنَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿١٩١﴾ رَبَّنَآ اِنَّكَ مَنْ تُدْخِلِ النَّارَ فَقَدْ

جي عذاب کان بچاءِ ﴿١٩١﴾ ربّ اسان جا! بيشڪ جنهن کي تو باهہ ۾ داخل ڪيو تہ تحقيق تو ڪيس

اَخْزَيْتَهٗ ؕ وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿١٩٢﴾ رَبَّنَآ اِنَّنَا سَمِعْنَا مُنَادِيًا

خوار خراب ڪيو ۽ ظالمن لاءِ ڪو مددگار نہ آهي ﴿١٩٢﴾ ربّ اسان جا! بيشڪ اسان هڪ سڏيندڙ کي

يُّنَادِيْ لِلْاِيْمَانِ اَنْ اٰمِنُوْا بِرَبِّكُمْ فَاٰمَنَّا ۖ رَبَّنَا فَاغْفِرْ لَنَا

ايمان لاءِ سڏيندي ٻڌو تہ پنهنجي ربّ تي ايمان آڻيو. پوءِ ايمان آندوسون. ربّ اسان جا! اسان جي گناهن جي

ذُنُوْبَنَا وَ كَفِّرْ عَنَّا سَيِّاٰتِنَا وَ تَوَفَّنَا مَعَ الْاَبْرَارِ ۚ ﴿١٩٣﴾ رَبَّنَا وَ اٰتِنَا

مغفرت فرماءِ ۽ اسان جي خطائن کي مَٽاءِ ۽ اسان کي نيڪ ماڻهن سان وفات نصيب فرماءِ ﴿١٩٣﴾ ربّ اسان جا!

مَا وَعَدْتَّنَا عَلٰى رُسُلِكَ وَلَا تُخْزِنَا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّكَ لَا تُخْلِفُ

پنهنجن رسولن ذريعي اسان سان تو جيڪو وعدو ڪيو آهي، سو اسان کي ڏي ۽ قيامت جي ڏينهن اسان کي خوار نہ

الْمِيْعَادَ ﴿١٩٤﴾ فَاسْتَجَابَ لَهُمْ رَبُّهُمْ اَنِّيْ لَآ اُضِيْعُ عَمَلَ عَامِلٍ

ڪر. بيشڪ تون وعدي جي خلاف نٿو ڪرين ﴿١٩٤﴾ پوءِ سندن ربّ سندن دعا قبول فرمائي تہ آءٌ توهان مان عمل ڪندڙ

مِّنْكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى ۚ بَعْضُكُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ فَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا

ڪنهن مرد ۽ عورت جو اجر ضايع نہ ڪندس. توهان هڪ ٻئي مان آهيو، پوءِ جن ماڻهن (ديني مقصد لاءِ) هجرت ڪئي ۽

وَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَ اُوْذُوْا فِيْ سَبِيْلِيْ وَ قٰتَلُوْا وَ قُتِلُوْا

کين سندن گهرن مان ڪڍيو ويو ۽ کين منهنجي واٽ ۾ ايذايو ويو ۽ اهي (منهنجي واٽ ۾) وڙهيا ۽ کين قتل ڪيو

لَاُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَاُدْخِلَنَّهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا

ويو ته ضرور سندن خطائن کي (نيڪين ۾) بدلائيندس ۽ ضرور کين (بهشت جي) باغن ۾ داخل ڪندس، جن جي

الْاَنْهٰرُ ۚ ثَوَابًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ الثَّوَابِ ﴿۱۹۵﴾ لَا

هيٺان نهرون وهن ٿيون (اهو) الله جي طرفان ثواب آهي ۽ الله وٽ ڏادو سهڻو ثواب آهي ﴿۱۹۵﴾ (اي پيغمبر ﷺ!)

يَغُرَّنَّكَ تَقَلُّبُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِي الْبِلَادِ ﴿۱۹۶﴾ ۭ مَتَاعٌ قَلِيْلٌ ۣ ثُمَّ

توکي ڪافرن جو (تجارت لاءِ) شهرن ۾ گهمڻ ڦرڻ دوکي ۾ نه وجهي ﴿۱۹۶﴾ (اهو دنياوي زندگي جو) ٿورو سامان آهي،

مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۭ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۱۹۷﴾ لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ

پوءِ سندن ماڳ جهنم آهي ۽ (اها) رهڻ جي ڏادي بڇڙي جاءِ آهي ﴿۱۹۷﴾ پر جيڪي پنهنجي ربّ (جي حرام ڪيل ڪمن)

جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا نُزُلًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۭ

کان بچن ٿا، تن لاءِ باغ آهن، جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، منجهن سدائين رهندڙ آهن، اها الله جي طرفان مهماني

الثلثة

وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّلْاَبْرَارِ ﴿۱۹۸﴾ وَاِنَّ مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَمَنْ

آهي ۽ نيڪن لاءِ جيڪي ڪجهه الله وٽ آهي، سو ڏادو چڱو آهي ﴿۱۹۸﴾ ۽ بيشڪ ڪتاب وارن مان ڪي آهن، جيڪي ايمان

يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ خٰشِعِيْنَ لِلّٰهِ ۙ

آڻن ٿا الله تي ۽ (قرآن) جيڪو توهان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ۽ جيڪو (توريت) انهن ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي، الله

لَا يَشْتَرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۭ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ

لاءِ عاجزي ڪندڙ ٿي. الله جي آيتن کي ٿوري ملهه جي بدلي ۾ نٿا وڪڻن. اهي ئي ماڻهو آهن، جن جي لاءِ سندن

رَبِّهِمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۱۹۹﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اصْبِرُوْا

ربّ وٽ اجر آهي. بيشڪ الله جلد حساب ڪرڻ وارو آهي ﴿۱۹۹﴾ اي ايمان وارو! (پنهنجي دين جي اطاعت

وَصَابِرُوْا وَرَابِطُوْا قف وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۲۰۰﴾ ع ۱۱

تي) صبر ڪريو ۽ (دشمن جي مقابلي ۾ جنگ ۾) هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪريو
۽ جهاد ۾ ثابت قدم رهو ۽ الله کان ڊڄو، مَنَ توهان ڪامياب ٿيو ﴿۲۰۰﴾

آيَاتُهَا ۱۷۶ (۴) سُوْرَةُ النِّسَآءِ مَدَنِيَّةٌ (۹۲) رُكُوْعَاتُهَا ۲۴

سورة النساءِ مدني آهي. منجهس هڪ سو ڇاهتر آيتون ۽ چوويهه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ

اي انسانو! پنهنجي ربّ کان ڊڄو، جنهن توهان کي هڪ جان (يعني آدم عليه السلام) مان پيدا فرمايو ۽ انهيءَ مان

وَّخَلَقَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَبَثَّ مِنْهُمَا رِجَالًا كَثِيْرًا وَّنِسَآءً ج وَاتَّقُوا

سندس گهر واري (يعني حوا عليها السلام) کي پيدا فرمايائين ۽ ٻنهي مان گهڻا مرد ۽ عورتون پکيڙيائين ۽

اللّٰهَ الَّذِيْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَالْاَرْحَامَ ط اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَيْكُمْ

الله کان ڊڄو، جنهن جي نالي تي هڪ ٻئي کان (حاجتن جو) سوال ڪريو ٿا ۽ مٽي مائٽي (ڇنڻ کان بچو)

رَقِيْبًا ﴿۱﴾ وَاٰتُوا الْيَتٰمٰٓى اَمْوَالَهُمْ وَلَا تَتَبَدَّلُوا الْخَبِيْثَ بِالطَّيِّبِ ص

بيشڪ الله توهان تي نگهبان آهي ﴿۱﴾ ۽ يتيمن کي سندن مالَ ڏيو ۽ ناپاڪ شيءِ کي پليت شيءِ سان نہ

وَلَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَهُمْ اِلٰٓى اَمْوَالِكُمْ ط اِنَّهٗ كَانَ حُوْبًا كَبِيْرًا ﴿۲﴾

بدلايو ۽ نہ ٿي سندن مالَ پنهنجن مالن ۾ (ملائي) کائو. بيشڪ اهو هڪ وڏو گناهه آهي ﴿۲﴾

وَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا تُقْسِطُوْا فِي الْيَتٰمٰى فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ

۽ جيڪڏهن ڊڄو ته يتيم نياڻين سان انصاف نہ ڪري سگهندا ته پوءِ جيڪي (عورتون توهان لاءِ حلال آهن ۽) توهان کي پسند

النِّسَآءِ مَثۡنٰی وَ ثُلٰثَ وَ رُبٰعَ ۚ فَاِنۡ خِفۡتُمۡ اَلَّا تَعۡدِلُوۡا فَوَاحِدَةً

اچن، تن مان ٻہ ٻہ ۽ ٽي ٽي ۽ چار چار نڪاح ۾ آڻيو. پوءِ جيڪڏهن ڊڄو ته انصاف ڪري نه سگهندا ته پوءِ هڪڙي ئي (توهان لاءِ نڪاح

اَوۡ مَا مَلَكَتۡ اَیۡمَانُكُمۡ ؕ ذٰلِكَ اَدۡنٰۤی اَلَّا تَعُوۡلُوۡا ﴿۳﴾ وَ اٰتُوا

۾ ڪافي آهي) يا اهي (ٻانهيون) جن جا توهان مالڪ آهيو. اها ڳالهه وڌيڪ ويجهي آهي ته بي انصافيءَ کان بچو ﴿۳﴾ ۽ زالن

النِّسَآءَ صَدُقٰتِهِنَّ نِحۡلَةً ؕ فَاِنۡ طِبۡنَ لَكُمۡ عَنۡ شَیۡءٍ مِّنۡهُ

کي سندن مقرر ڪيل مهر خوشيءَ سان ڏيو. پوءِ جيڪڏهن توهان کي پنهنجي خوشيءَ سان (مهر جي مال

نَفۡسًا فَكُلُوۡهُ هَنِیۡٓــًٔا مَّرِیۡٓــًٔا ﴿۴﴾ وَلَا تُؤۡتُوا السُّفَهَآءَ اَمۡوَالَكُمُ

مان) ڪا شيءِ ڏين ته ان کي خوشيءَ (۽) مزي سان کائو ﴿۴﴾ ۽ بي عقلن کي پنهنجا مال نه ڏيو، (اهي مال) جن

الَّتِیۡ جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمۡ قِیٰمًا وَّ ارۡزُقُوۡهُمۡ فِیۡهَا وَ اكۡسُوۡهُمۡ وَ قُوۡلُوۡا

کي الله تعاليٰ توهان جي زندگيءَ گذارڻ جو ذريعو بڻايو آهي ۽ کين انهيءَ مان روزي ڏيو ۽ پوشاڪ پارايو

لَهُمۡ قَوۡلًا مَّعۡرُوۡفًا ﴿۵﴾ وَ ابۡتَلُوا الۡیَتٰمٰی حَتّٰۤی اِذَا بَلَغُوا النِّكَاحَ ۚ

۽ کين سهڻي ڳالهه چئو ﴿۵﴾ ۽ يتيمن کي (عقل ۽ دين ۾) آزمائيندا رهو، تانجو جڏهن نڪاح جي عمر کي پهچن ته

فَاِنۡ اٰنَسۡتُمۡ مِّنۡهُمۡ رُشۡدًا فَادۡفَعُوۡۤا اِلَیۡهِمۡ اَمۡوَالَهُمۡ ۚ وَلَا تَاۡكُلُوۡهَاۤ

جيڪڏهن منجهن ڀلائي لهو ته سندن مالَ سندن حوالي ڪريو ۽ فضول خرچي ۽ جلد بازي ڪندي سندن

اِسۡرَافًا وَّ بِدَارًا اَنۡ یَّكۡبَرُوۡا ؕ وَ مَنۡ كَانَ غَنِیًّا فَلۡیَسۡتَعۡفِفۡ ۚ وَ

وڏي ٿيڻ جي خوف وچان سندن مال نه کائو ۽ (وارثن مان) جيڪو شاهوڪار هجي، سو يتيم جي مال کان

مَنۡ كَانَ فَقِیۡرًا فَلۡیَاۡكُلۡ بِالۡمَعۡرُوۡفِ ؕ فَاِذَا دَفَعۡتُمۡ اِلَیۡهِمۡ

پاسو ڪري ۽ جيڪو مسڪين هجي، سو (خدمت مطابق) مناسب طريقي سان کائي. پوءِ جڏهن يتيمن کي

اَمۡوَالَهُمۡ فَاَشۡهِدُوۡا عَلَيۡهِمۡ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيۡبًا ۝٦ لِلرِّجَالِ

سندن مالَ حوالي ڪريو تہ مٿن شاهد ڪريو ۽ الله حساب وٺندڙ ڪافي آهي ⑥ مردن لاءِ هڪ (مقرر) حصو آهي

نَصِيۡبٌ مِّمَّا تَرَكَ الۡوَالِدٰنِ وَالۡاَقۡرَبُوۡنَ ۖ وَلِلنِّسَآءِ نَصِيۡبٌ مِّمَّا تَرَكَ

انهيءَ (مال مان) جيڪو ماءُ پيءُ ۽ ويجها مٽ مائٽ ڇڏي مرن ۽ عورتن لاءِ هڪ (مقرر) حصو آهي انهيءَ (مال مان)

الۡوَالِدٰنِ وَالۡاَقۡرَبُوۡنَ مِمَّا قَلَّ مِنۡهُ اَوۡ كَثُرَ ؕ نَصِيۡبًا مَّفۡرُوۡضًا ۝٧

جيڪو ماءُ پيءُ ۽ ويجها مٽ مائٽ ڇڏي مرن ، گهٽ هجي يا وڌيڪ هجي، هڪ مقرر ڪيل حصو آهي ⑦

وَاِذَا حَضَرَ الۡقِسۡمَةَ اُولُوا الۡقُرۡبٰى وَالۡيَتٰمٰى وَالۡمَسٰكِيۡنُ فَارۡزُقُوۡهُمۡ

۽ جڏهن ورهاست جي وقت ويجها مٽ مائٽ ۽ يتيم ۽ مسڪين حاضر ٿين تہ ڪين انهيءَ (ورثي) مان

مِّنۡهُ وَقُوۡلُوۡا لَهُمۡ قَوۡلًا مَّعۡرُوۡفًا ۝٨ وَلۡيَخۡشَ الَّذِيۡنَ لَوۡ تَرَكُوۡا

روزي ڏيو ۽ ڪين سهڻي ڳالهہ چئو⑧ ۽ انهن ماڻهن کي ڊڄڻ گهرجي تہ جيڪڏهن پنهنجي پويان هيڻو اولاد ڇڏين

مِنۡ خَلۡفِهِمۡ ذُرِّيَّةً ضِعٰفًا خَافُوۡا عَلَيۡهِمۡ ۖ فَلۡيَتَّقُوا اللّٰهَ وَلۡيَقُوۡلُوۡا

ها تہ (ضرور) سندن باري ۾ ڊڄن ها. پوءِ ڪين الله کان ڊڄڻ گهرجي ۽ سهڻي ڳالهہ چوڻ گهرجي (يا اثرائتي

قَوۡلًا سَدِيۡدًا ۝٩ اِنَّ الَّذِيۡنَ يَاۡكُلُوۡنَ اَمۡوَالَ الۡيَتٰمٰى ظُلۡمًا اِنَّمَا

وصيت ڪرڻ گهرجي) ⑨ بيشڪ جيڪي ماڻهو ظلم سان يتيمن جو مال کائين ٿا، اهي پنهنجن

يَاۡكُلُوۡنَ فِىۡ بُطُوۡنِهِمۡ نَارًا ؕ وَسَيَصۡلَوۡنَ سَعِيۡرًا ۝١٠ ع يُوۡصِيۡكُمُ اللّٰهُ ع ۱ ۱۲

پيٽن ۾ رڳو باهہ کائين ٿا ۽ اهي سگهوئي دوزخ ۾ پهچندا ⑩ الله تعاليٰ توهان کي توهان جي

فِىۡۤ اَوۡلَادِكُمۡ ۖ لِلذَّكَرِ مِثۡلُ حَظِّ الۡاُنۡثَيَيۡنِ ۚ فَاِنۡ كُنَّ نِسَآءً فَوۡقَ

اولاد جي باري ۾ وصيت ڪري ٿو تہ مرد لاءِ ٻن عورتن جي حصي جي برابر حصو آهي. پوءِ جيڪڏهن عورتون

اثۡنَتَيۡنِ فَلَهُنَّ ثُلُثَا مَا تَرَكَ ۚ وَاِنۡ كَانَتۡ وَاحِدَةً فَلَهَا النِّصۡفُ ؕ

ٻن کان مٿي هجن ته سندن لاءِ ٻه ٽهايون آهن ۽ جيڪڏهن عورت هڪ هجي ته سندس لاءِ اڌ مال آهي ۽ سندس

وَلِاَبَوَيۡهِ لِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنۡهُمَا السُّدُسُ مِمَّا تَرَكَ اِنۡ كَانَ لَهٗ

پيءُ ماءُ مان هر هڪ لاءِ انهيءَ (ورثي) مان ڇهون حصو آهي، بشرطيڪ سندس اولاد هجي. پوءِ جيڪڏهن

وَلَدٌ ۚ فَاِنۡ لَّمۡ يَكُنۡ لَّهٗ وَلَدٌ وَّوَرِثَهٗۤ اَبَوٰهُ فَلِاُمِّهِ الثُّلُثُ ۚ

سندس اولاد نه هجي ۽ ان جا وارث سندس پيءُ ماءُ هجن ته سندس ماءُ لاءِ ٽيون حصو آهي. پوءِ جيڪڏهن

فَاِنۡ كَانَ لَهٗۤ اِخۡوَةٌ فَلِاُمِّهِ السُّدُسُ مِنۡۢ بَعۡدِ وَصِيَّةٍ يُّوۡصِيۡ

سندس ڀائر هجن ته سندس ماءُ لاءِ ڪيل وصيت پوري ڪرڻ ۽ قرض ادا ڪرڻ کان پوءِ ڇهون حصو آهي. (اهي) توهان جا

بِهَاۤ اَوۡ دَيۡنٍ ؕ اٰبَآؤُكُمۡ وَاَبۡنَآؤُكُمۡ لَا تَدۡرُوۡنَ اَيُّهُمۡ اَقۡرَبُ

پيءُ ماءُ ۽ توهان جا اولاد آهن، جن جي باري ۾ نٿا ڄاڻو ته انهن مان توهان جي لاءِ ڪير وڌيڪ

لَكُمۡ نَفۡعًا ؕ فَرِيۡضَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيۡمًا

ويجهو آهي فائدي جي لحاظ سان. (اهو ميراث ۾) الله جي طرفان مقرر ڪيل هڪ حصو آهي، بيشڪ الله علم وارو،

حَكِيۡمًا ﴿۱۱﴾ وَلَكُمۡ نِصۡفُ مَا تَرَكَ اَزۡوَاجُكُمۡ اِنۡ لَّمۡ يَكُنۡ لَّهُنَّ

حڪمت وارو آهي ﴿۱۱﴾ ۽ توهان جون زالون جيڪو (ورثو) ڇڏي مرن ، توهان لاءِ انهيءَ مان اڌ آهي، بشرطيڪ

وَلَدٌ ۚ فَاِنۡ كَانَ لَهُنَّ وَلَدٌ فَلَكُمُ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكۡنَ مِنۡۢ

سندن اولاد نه هجي. پوءِ جيڪڏهن سندن اولاد هجي ته ڪيل وصيت پوري ڪرڻ ۽ قرض ادا ڪرڻ کان پوءِ توهان

بَعۡدِ وَصِيَّةٍ يُّوۡصِيۡنَ بِهَاۤ اَوۡ دَيۡنٍ ؕ وَلَهُنَّ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكۡتُمۡ

لاءِ انهيءَ مان چوٿون حصو آهي ۽ جيڪو (ورثو) توهان ڇڏيو، انهيءَ مان جيڪڏهن توهان جو اولاد نه

اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّكُمْ وَلَدٌ ۚ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ وَلَدٌ فَلَهُنَّ الثُّمُنُ

هجي ته انهن (زالن) لاءِ چوٿون حصو آهي ۽ جيڪڏهن توهان جو اولاد آهي ته جيڪو (ورثو) توهان ڇڏيو،

مِمَّا تَرَكْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ تُوْصُوْنَ بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ؕ وَ اِنْ

انهيءَ مان ڪيل وصيت پوري ڪرڻ ۽ قرض ادا ڪرڻ کان پوءِ انهن (زالن) لاءِ اٺون حصو آهي ۽ جيڪڏهن

كَانَ رَجُلٌ يُّوْرَثُ كَلٰلَةً اَوِ امْرَاَةٌ وَّلَهٗۤ اَخٌ اَوْ اُخْتٌ فَلِكُلِّ

مرد جو وارث ماءُ پيءُ ۽ اولاد نه هجي يا زال هجي ۽ سندس هڪ ڀاءُ يا هڪ ڀيڻ هجي ته انهن مان هر هڪ

وَاحِدٍ مِّنْهُمَا السُّدُسُ ۚ فَاِنْ كَانُوْۤا اَكْثَرَ مِنْ ذٰلِكَ فَهُمْ شُرَكَآءُ

لاءِ ڇهون حصو آهي. پوءِ جيڪڏهن (وارث) ان کان وڌيڪ هجن ته اهي ڪيل وصيت خوشيءَ سان

فِى الثُّلُثِ مِنْۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُّوْصٰى بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ۙ غَيْرَ مُضَآرٍّ ۚ

پوري ڪرڻ ۽ قرض جي ادا ڪرڻ کان پوءِ (رهيل مال جي) ٽئين حصي ۾ ڀائيوار آهن. (اها) الله

وَصِيَّةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَلِيْمٌ ؕ ﴿۱۲﴾ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ

جي مقرر ڪيل وصيت آهي ۽ الله علم وارو بردبار آهي ﴿۱۲﴾ اهي الله جون حدون آهن ۽ جيڪو الله ۽ سندس

يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ

رسول (ﷺ) جي فرمانبرداري ڪندو، تنهن کي جنتن ۾ داخل ڪندو، جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. منجهن

فِيْهَا ؕ وَذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۳﴾ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَتَعَدَّ

سدائين رهندو ۽ اها ئي وڏي ڪاميابي آهي ﴿۱۳﴾ ۽ جيڪو الله ۽ سندس رسول جي نافرماني ڪندو ۽ سندس حدن کان

حُدُوْدَهٗ يُدْخِلْهُ نَارًا خَالِدًا فِيْهَا ۪ وَلَهٗ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿۱۴﴾ ع وَالّٰتِىْ ع ۲۰ ۱۴

نڪرندو، تنهن کي باهه ۾ داخل ڪندو، منجهس سدائين رهندو ۽ سندس لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي ﴿۱۴﴾ ۽ توهان

يَأْتِيْنَ الْفَاحِشَةَ مِنْ نِّسَآئِكُمْ فَاسْتَشْهِدُوْا عَلَيْهِنَّ اَرْبَعَةً

جي عورتن مان جيڪي بي حيائيءَ (يعني زنا) جو ڪم ڪن، انهن جي خلاف پاڻ مان چئن مردن کي

مِّنْكُمْ ۚ فَاِنْ شَهِدُوْا فَاَمْسِكُوْهُنَّ فِي الْبُيُوْتِ حَتّٰى يَتَوَفّٰهُنَّ

شاهد بيهاريو. پوءِ جيڪڏهن اهي شاهدي ڏين ته انهن عورتن کي گهرن ۾ روڪيو، تانجو مٿن موت اچي يا الله

الْمَوْتُ اَوْ يَجْعَلَ اللّٰهُ لَهُنَّ سَبِيْلًا ﴿۱۵﴾ وَالَّذٰنِ يَاْتِيٰنِهَا مِنْكُمْ

سندن لاءِ ڪا واٽ ڪڍي (يعني رجم جو حڪم آڻي) ﴿۱۵﴾ ۽ توهان مان جيڪي ٻه (غير شادي شده) زنا ڪن، تن کي

فَاٰذُوْهُمَا ۚ فَاِنْ تَابَا وَاَصْلَحَا فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمَا ۗ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ

تڪليف (۽ تعزير) ڏيو. پوءِ جيڪڏهن توبه ڪن ۽ پاڻ کي سڌارين ته کين ڇڏي ڏيو. بيشڪ الله تعاليٰ

تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۱۶﴾ اِنَّمَا التَّوْبَةُ عَلَى اللّٰهِ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السُّوْٓءَ

توبه قبول ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿۱۶﴾ بيشڪ الله تعاليٰ تي رڳو انهن ماڻهن جي توبه جي قبوليت

بِجَهَالَةٍ ثُمَّ يَتُوْبُوْنَ مِنْ قَرِيْبٍ فَاُولٰٓئِكَ يَتُوْبُ اللّٰهُ

آهي، جيڪي اڻ ڄاڻائيءَ ۾ برائي ڪندا آهن پوءِ ويجهڙائيءَ ۾ توبه ڪندا آهن، اهڙن ئي ماڻهن جي الله

عَلَيْهِمْ ۗ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۱۷﴾ وَلَيْسَتِ التَّوْبَةُ

تعاليٰ توبه قبول ڪندو آهي ۽ الله علم وارو، حڪمت وارو آهي ﴿۱۷﴾ ۽ انهن ماڻهن جي توبه (مقبول) نه آهي،

لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ۚ حَتّٰٓى اِذَا حَضَرَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ

جيڪي بڇڙايون ڪندا (رهندا) آهن، تانجو جڏهن انهن مان هڪ تي موت ايندو آهي ته چوندو آهي ته هاڻي

قَالَ اِنِّيْ تُبْتُ الْـٰٔنَ وَلَا الَّذِيْنَ يَمُوْتُوْنَ وَهُمْ كُفَّارٌ ۗ

آءٌ توبه ڪريان ٿو ۽ نڪي انهن ماڻهن جي (توبه قبول آهي)، جيڪي ڪافر ٿي مرن ٿا. اهي ئي ماڻهو آهن،

اُولٰٓئِكَ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا (١٨) يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

جن جي لاءِ اسان ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو آهي (١٨) اي ايمان وارو! (اي ميت جي عُصبي جا وارثو!)

لَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَرِثُوا النِّسَآءَ كَرْهًا ؕ وَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ

توهان لاءِ حلال نه آهي ته زور زبردستيءَ سان زالن جا وارث ٿيو ۽ کين (هن نيت سان) نه روڪيو ته جيڪي توهان

لِتَذْهَبُوْا بِبَعْضِ مَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ

کين ڏنو آهي، انهيءَ مان ڪجهه واپس وٺو (تانجو خلع جي گهر ڪرڻ تي اهي توهان کي مال ڏيڻ

مُّبَيِّنَةٍ ۚ وَعَاشِرُوْهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ فَاِنْ كَرِهْتُمُوْهُنَّ

تي مجبور ٿين) سواءِ ان جي جو، اهي ڪا پڌري بيحيائي ڪن ۽ ساڻن سهڻي نموني زندگي گذاريو. پوءِ

فَعَسٰٓى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْـًٔا وَّيَجْعَلَ اللّٰهُ فِيْهِ خَيْرًا

جيڪڏهن کين ناپسند ڪريو ته پوءِ شايد جنهن شيءِ کي توهان ناپسند ڪريو، تنهن ۾ الله تعاليٰ گهڻي ڀلائي

كَثِيْرًا (١٩) وَاِنْ اَرَدْتُّمُ اسْتِبْدَالَ زَوْجٍ مَّكَانَ زَوْجٍ ۙ وَّ

رکي هجي (١٩) ۽ جيڪڏهن توهان (هڪڙي) زال جي بجاءِ ٻيءَ زال جي آڻڻ جو ارادو ڪريو ۽ توهان انهن مان

اٰتَيْتُمْ اِحْدٰىهُنَّ قِنْطَارًا فَلَا تَاْخُذُوْا مِنْهُ شَيْـًٔا ؕ اَتَاْخُذُوْنَهٗ

هڪڙيءَ (زال) کي گهڻو مال ڏنو هجي ته انهيءَ (حق مهر) مان ڪا به شيءِ موٽائي نه وٺو. ڇا توهان ان کي

بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا (٢٠) وَكَيْفَ تَاْخُذُوْنَهٗ وَقَدْ اَفْضٰى

ظلم ۽ پڌري گناه سان وٺندا ؟ (٢٠) ۽ توهان اهو مال انهن کان ڪيئن وٺندا ۽ توهان هڪ ٻئي سان صحبت ڪري

بَعْضُكُمْ اِلٰى بَعْضٍ وَّاَخَذْنَ مِنْكُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا (٢١) وَلَا

چڪا آهيو ۽ (زالن به) توهان کان (سهڻي نموني رکڻ يا ڇڏي ڏيڻ جو) پختو عهد ورتو آهي ؟ (٢١) ۽ انهن

تَنْكِحُوْا مَا نَكَحَ اٰبَآؤُكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا قَدْ سَلَفَ ط

عورتن سان نڪاح نہ ڪريو، جن سان توهان جي پيئرن نڪاح ڪيو آهي، پر اڳ ۾ جيڪي ڪجهہ گذري چڪو آهي،

اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً وَّ مَقْتًا ط وَ سَآءَ سَبِيْلًا ﴿٢٢﴾ ع حُرِّمَتْ

(تنهن تي پڪڙ، پڇاڻو نہ آهي.) بيشڪ اها بيحيائي ۽ گناهہ جي ڳالهہ ۽ بڇڙي واٽ آهي﴿٢٢﴾ توهان تي(هيٺين

عَلَيْكُمْ اُمَّهٰتُكُمْ وَ بَنٰتُكُمْ وَاَخَوٰتُكُمْ وَ عَمّٰتُكُمْ وَخٰلٰتُكُمْ

عورتن سان نڪاح ڪرڻ) حرام ڪيو ويو آهي: توهان جون مائرون ۽ توهان جون ڌيئرون ۽ توهان جون ڀينرون ۽

وَ بَنٰتُ الْاَخِ وَ بَنٰتُ الْاُخْتِ وَ اُمَّهٰتُكُمُ الّٰتِيْٓ اَرْضَعْنَكُمْ

توهان جون ڦڦيون ۽ توهان جون ماسيون ۽ ڀائٽيون ۽ ڀاڻيجيون ۽ توهان جون اهي مائرون جن توهان کي تڃ

وَ اَخَوٰتُكُمْ مِّنَ الرَّضَاعَةِ وَ اُمَّهٰتُ نِسَآىِٕكُمْ وَ رَبَآىِٕبُكُمُ

پياري آهي ۽ توهان جون تڃ شريڪ ڀينرون ۽ توهان جي زالن جون مائرون (يعني سسون) ۽ توهان جون اهي

الّٰتِيْ فِيْ حُجُوْرِكُمْ مِّنْ نِّسَآىِٕكُمُ الّٰتِيْ دَخَلْتُمْ بِهِنَّ ز

اڳ ڄايون ڌيئرون ، جيڪي توهان جي هنجن ۾ پليون آهن (۽) توهان جي انهن زالن مان آهن، جن کي توهان

فَاِنْ لَّمْ تَكُوْنُوْا دَخَلْتُمْ بِهِنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ ز وَحَلَآىِٕلُ

ويجها ٿيا آهيو، پوءِ جيڪڏهن انهن کي ويجها نہ ٿيا آهيو تہ توهان تي گناهہ نہ آهي ۽ توهان جي انهن پٽن

اَبْنَآىِٕكُمُ الَّذِيْنَ مِنْ اَصْلَابِكُمْ لا وَاَنْ تَجْمَعُوْا بَيْنَ الْاُخْتَيْنِ

جون زالون، جيڪي توهان جي پٺين مان آهن ۽ ٻن ڀينرن کي (نڪاح ۾) گڏ رکڻ (پڻ توهان تي

اِلَّا مَا قَدْ سَلَفَ ط اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٢٣﴾ لا

حرام ڪيو ويو آهي)، مگر جيڪي اڳ ۾ ٿي گذريو (سو معاف آهي.) بيشڪ الله مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي﴿٢٣﴾

وَّالْمُحْصَنٰتُ مِنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ۚ كِتٰبَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ۚ

۽ مڙسن وارين زالن سان (يعني نڪاح مٿان نڪاح ڪرڻ حرام آهي)، مگر جن جا توهان مالڪ ٿيو (يعني

وَاُحِلَّ لَكُمْ مَّا وَرَآءَ ذٰلِكُمْ اَنْ تَبْتَغُوْا بِاَمْوَالِكُمْ مُّحْصِنِيْنَ غَيْرَ

دارالحرب جون جنگي قيدياڻيون، جيڪي حيض کان پاڪ ٿيڻ کان پوءِ مالڪ لاءِ حلال آهن)، الله اهي عورتون

مُسٰفِحِيْنَ ۚ فَمَا اسْتَمْتَعْتُمْ بِهٖ مِنْهُنَّ فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ فَرِيْضَةً ۚ

توهان لاءِ حرام ڪيون آهن ۽ انهن کان سواءِ ٻيون عورتون توهان جي لاءِ حلال آهن، جن کي پنهنجا مالَ (يعني

وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا تَرٰضَيْتُمْ بِهٖ مِنْۢ بَعْدِ الْفَرِيْضَةِ ۚ اِنَّ

مهر ڏيو يا جن کي خريد ڪريو.) بشرطيڪ نڪاح ڪندڙ هجو، زناڪاري ڪندڙ نه هجو. پوءِ (صحيح نڪاح ڪري،) انهن کان فائدو
وٺو ته ڪين سندن مقرر ڪيل مهر ڏيو ۽ ان کان پوءِ جنهن (ڳالهه) تي پاڻ ۾ راضي ٿيو، تنهن ۾ توهان تي ڪو گناهه نه

اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۲۴﴾ وَمَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ مِنْكُمْ طَوْلًا اَنْ

آهي. بيشڪ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ﴿۲۴﴾ ۽ توهان مان جيڪو سگهه نٿو رکي ته آزاد مؤمنياڻين سان نڪاح

يَّنْكِحَ الْمُحْصَنٰتِ الْمُؤْمِنٰتِ فَمِنْ مَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ مِّنْ فَتَيٰتِكُمُ

ڪري سگهي، اهو (مؤمن ٻانهين) سان نڪاح ڪري، جن جا توهان مالڪ ٿيو ۽ الله توهان جي ايمان کي چڱيءَ

الْمُؤْمِنٰتِ ۚ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِاِيْمَانِكُمْ ۚ بَعْضُكُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ فَانْكِحُوْهُنَّ

طرح ڄاڻندڙ آهي. توهان (ديني لحاظ سان) هڪ ٻئي مان آهيو. پوءِ سندن مالڪن جي اجازت سان ساڻن نڪاح

بِاِذْنِ اَهْلِهِنَّ وَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ مُحْصَنٰتٍ غَيْرَ

ڪريو ۽ ڪين سندن مهر سهڻي طريقي سان ڏيو. نڪاح ڪندڙ هجن ، نه زنا ڪندڙ هجن ۽ نه ڳجهي ياري رکندڙ هجن.

مُسٰفِحٰتٍ وَّلَا مُتَّخِذٰتِ اَخْدَانٍ ۚ فَاِذَآ اُحْصِنَّ فَاِنْ اَتَيْنَ

پوءِ جيڪڏهن اهي (ٻانهيون) نڪاح ۾ اچڻ کان پوءِ زنا ڪن ته (زنا جي) جيڪا سزا آزاد زالن لاءِ آهي، ٻانهين لاءِ

بِفَاحِشَةٍ فَعَلَيْهِنَّ نِصْفُ مَا عَلَى الْمُحْصَنٰتِ مِنَ الْعَذَابِ ؕ ذٰلِكَ

ان جي اڌ سزا آهي. اها (ٻانهيءَ سان نڪاح ڪرڻ جي اجازت) توهان مان ان لاءِ آهي، جيڪو (زنا جي) گناهه ۾ پوڻ

لِمَنْ خَشِيَ الْعَنَتَ مِنْكُمْ ؕ وَاَنْ تَصْبِرُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ

کان ڊڄي ۽ (بين ٻانهين سان نڪاح ڪرڻ کان) توهان جو صبر ڪرڻ توهان لاءِ چڱو آهي (جيئن اولاد ٻانهي نه ٿئي) ۽

رَّحِيْمٌ ﴿٢٥﴾ يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُبَيِّنَ لَكُمْ وَيَهْدِيَكُمْ سُنَنَ الَّذِيْنَ مِنْ ع ٣

الله بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ﴿٢٥﴾ الله گهري ٿو ته توهان لاءِ (ديني احڪامن کي) روشن ڪري ۽ جيڪي ماڻهو توهان

قَبْلِكُمْ وَيَتُوْبَ عَلَيْكُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٦﴾ وَاللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يَّتُوْبَ

کان اڳ گذري چڪا آهن (يعني ابراهيم عليه السلام جي ملت وارا)، توهان کي انهن جي طريقن تي هلائي ۽ توهان کي توبه
جي توفيق عطا فرمائي ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ﴿٢٦﴾ ۽ الله گهري ٿو ته توهان کي (گناهن کان) توبه جي توفيق

عَلَيْكُمْ قف وَيُرِيْدُ الَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الشَّهَوٰتِ اَنْ تَمِيْلُوْا مَيْلًا عَظِيْمًا ﴿٢٧﴾

بخشي ۽ جيڪي ماڻهو خواهشن جي پيروي ڪن ٿا، سي گهرن ٿا ته توهان (حق کان) گهڻو پري ٿڙي وڃو ﴿٢٧﴾

يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّخَفِّفَ عَنْكُمْ ۚ وَخُلِقَ الْاِنْسَانُ ضَعِيْفًا ﴿٢٨﴾ يٰۤاَيُّهَا

الله تعاليٰ گهري ٿو ته توهان تان (شرعي احڪام) هلڪا ڪري ۽ انسان هيڻو پيدا ڪيو ويو آهي ﴿٢٨﴾ اي ايمان

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ اِلَّاۤ اَنْ تَكُوْنَ

وارو! پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو مال ناحق نه کائو، سواءِ ان جي، جو توهان جي باهمي رضامنديءَ سان

تِجَارَةً عَنْ تَرَاضٍ مِّنْكُمْ قف وَلَا تَقْتُلُوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ

تجارت (۽ ڏيتي ليتي) هجي ۽ هڪ ٻئي کي (ناحق) قتل نه ڪريو، بيشڪ الله تعاليٰ توهان تي رحم

بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿٢٩﴾ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ عُدْوَانًا وَّظُلْمًا فَسَوْفَ نُصْلِيْهِ

ڪندڙ آهي ﴿٢٩﴾ ۽ جيڪو شخص دشمنيءَ ۽ ظلم وچان ائين ڪندو (يعني ناحق مال کائيندو ۽ ناحق قتل ڪندو)،

نَارًا ؕ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿٣٠﴾ اِنْ تَجْتَنِبُوْا كَبَآئِرَ مَا تُنْهَوْنَ

تنهن کي سگهوئي دوزخ ۾ پهچائينداسون ۽ اها ڳالهه الله تعاليٰ لاءِ آسان آهي ﴿٣٠﴾ جيڪڏهن توهان وڏن گناهن کان پاڻ کي
بچائيندا، جن کان توهان کي روڪيو وڃي ٿو ته اسين توهان جا (ننڍا) گناهه مٽائينداسون (۽ توهان کي معاف ڪنداسون)

عَنْهُ نُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَنُدْخِلْكُمْ مُّدْخَلًا كَرِيْمًا ﴿٣١﴾ وَلَا

۽ داخل ڪنداسون توهان کي عزت واري جاءِ (يعني جنت) ۾ داخل ڪرڻ ﴿٣١﴾ ۽ توهان انهن شين ۾ هڪ ٻئي

تَتَمَنَّوْا مَا فَضَّلَ اللّٰهُ بِهٖ بَعْضَكُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا

سان ريس نه ڪريو، جن ۾ الله توهان مان هڪڙن کي ٻين تي فضيلت ڏني آهي. مردن جيڪو (مال) ڪمايو، ان مان

اكْتَسَبُوْا ؕ وَلِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبْنَ ؕ وَسْـَٔلُوا اللّٰهَ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ

سندن لاءِ حصو آهي ۽ عورتن جو ڪجهه ڪمايو (يعني خرچ مان بچايو) تن لاءِ ان مان حصو آهي ۽ الله کان سندس

اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٣٢﴾ وَلِكُلٍّ جَعَلْنَا مَوَالِيَ مِمَّا تَرَكَ

فضل گهرو، بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ﴿٣٢﴾ ۽ اسان هر شخص لاءِ ماءُ ۽ پيءُ ۽ مائٽن جي ڇڏيل (مال)

الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ ؕ وَالَّذِيْنَ عَقَدَتْ اَيْمَانُكُمْ فَاٰتُوْهُمْ

مان وارث مقرر ڪيا آهن ۽ جن سان توهان قَسم تي عهد ڪري چڪا آهيو، تن کي ميراث مان سندن

نَصِيْبَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدًا ﴿٣٣﴾ ع اَلرِّجَالُ ع

حصو ڏيو (۽ هيءُ حڪم منسوخ آهي.) بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ تي شاهد آهي ﴿٣٣﴾ مَرد (يعني مڙس) زالن تي

قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ بِمَا فَضَّلَ اللّٰهُ بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ وَّبِمَآ

حاڪم آهن، جو الله انهن مان هڪڙن کي ٻين تي فضيلت ڏني آهي ۽ هن ڪري به جو (مڙس) پنهنجا مال خرچ ڪن ٿا.

اَنْفَقُوْا مِنْ اَمْوَالِهِمْ ؕ فَالصّٰلِحٰتُ قٰنِتٰتٌ حٰفِظٰتٌ لِّلْغَيْبِ بِمَا

پوءِ ڀلاريون زالون اهي آهن، جيڪي (پنهنجن مڙسن جون) فرمانبردار آهن، (سندن) غير موجودگيءَ ۾ سندن حقن

حَفِظَ اللّٰهُ ؕ وَالّٰتِیْ تَخَافُوْنَ نُشُوْزَهُنَّ فَعِظُوْهُنَّ وَ اهْجُرُوْهُنَّ

جي حفاظت ڪندڙ آهن، (يعني اهي حق)، جن جي حفاظت الله (سندن حوالي) ڪئي آهي ۽ جن (زالن) جي نافرمانيءَ

فِی الْمَضَاجِعِ وَ اضْرِبُوْهُنَّ ۚ فَاِنْ اَطَعْنَكُمْ فَلَا تَبْغُوْا عَلَیْهِنَّ

کان ڊڄوتا، تن کي نصيحت ڪريو ۽ کين بسترن کان جدا ڪريو ۽ کين مارڪُٽ ڪيو، پوءِ جيڪڏهن توهان جي فرمانبرداري

سَبِیْلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِیًّا كَبِیْرًا ﴿۳۴﴾ وَ اِنْ خِفْتُمْ شِقَاقَ

ڪن ته کين (ايذائڻ لاءِ) واٽ نه ڳوليو. بيشڪ الله وڏي بلنديءَ وارو آهي ﴿۳۴﴾ ۽ جيڪڏهن زال ۽ مڙس جي وچ ۾ اختلاف کان

بَیْنِهِمَا فَابْعَثُوْا حَكَمًا مِّنْ اَهْلِهٖ وَ حَكَمًا مِّنْ اَهْلِهَا ۚ اِنْ

ڊڄو ته مڙس جي گهراڻي مان هڪ فيصلو ڪندڙ ۽ زال جي گهراڻي مان هڪ فيصلو ڪندڙ مقرر ڪريو. جيڪڏهن ٻئي

یُّرِیْدَاۤ اِصْلَاحًا یُّوَفِّقِ اللّٰهُ بَیْنَهُمَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِیْمًا خَبِیْرًا ﴿۳۵﴾

(فيصلو ڪندڙ) سڌارو ڪرائڻ گهرندا ته الله ٻنهي کي توفيق ڏيندو، بيشڪ الله علم رکندڙ، خبر رکندڙ آهي ﴿۳۵﴾

وَ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَ لَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَیْـًٔا وَّ بِالْوَالِدَیْنِ اِحْسَانًا وَّ

۽ (خاص اڪيلي) الله جي ئي عبادت ڪريو ۽ ساڻس ڪنهن شيءِ کي به شريڪ نه ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان ۽ مِٽي

بِذِی الْقُرْبٰى وَ الْیَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِیْنِ وَ الْجَارِ ذِی الْقُرْبٰى

مائٽي وارن سان ۽ يتيمن سان ۽ مسڪينن سان ۽ مٽيءَ واري پاڙيسريءَ سان ۽ ڌاريئي

وَ الْجَارِ الْجُنُبِ وَ الصَّاحِبِ بِالْجَنْۢبِ وَ ابْنِ السَّبِیْلِ ۙ وَ مَا

پاڙيسريءَ سان ۽ ويجهي سنگتي سان ۽ مسافر سان ۽ پنهنجن ٻانهن سان (۽ ٻانهين سان) ڀلائي ڪريو.

مَلَكَتْ اَیْمَانُكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یُحِبُّ مَنْ كَانَ مُخْتَالًا

بيشڪ الله تعاليٰ ڪنهن اهڙي شخص کي پسند نه ڪندو آهي، جيڪو هٺيلو (۽) وڏائي ڪندڙ هوندو

فَخُوْرًا ﴿۳۶﴾ لا الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ وَ يَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ وَ

آهي ﴿۳۶﴾ (يعني) جيڪي (پاڻ) بخيلي ڪن ٿا ۽ ماڻهن کي به بخيليءَ جو حڪم ڪن ٿا ۽ الله پنهنجي فضل مان کين جو

يَكْتُمُوْنَ مَآ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ وَ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ

ڪجهه ڏنو آهي، ان کي (يعني توريت ۾ حضرت محمد ﷺ جي صفت بابت علم کي) لڪائين ٿا ۽ اسان ڪافرن لاءِ خوار

عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿۳۷﴾ ج وَ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ رِئَآءَ النَّاسِ

ڪندڙ عذاب تيار ڪري رکيو آهي ﴿۳۷﴾ ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجن مالن کي ماڻهن جي ڏيکاءَ لاءِ خرچ ڪن ٿا ۽ الله ۽

وَلَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَلَا بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ وَمَنْ يَّكُنِ الشَّيْطٰنُ

قيامت جي ڏينهن تي ايمان نٿا رکن، (تن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي) ۽ جنهن جو ساٿي شيطان هجي ته پوءِ اهو

لَهٗ قَرِيْنًا فَسَآءَ قَرِيْنًا ﴿۳۸﴾ وَمَاذَا عَلَيْهِمْ لَوْ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ

ڏاڍو بڇڙو ساٿي آهي ﴿۳۸﴾ ۽ جيڪڏهن اهي الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻيندا ۽ جيڪي ڪجهه

الْاٰخِرِ وَ اَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقَهُمُ اللّٰهُ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِهِمْ عَلِيْمًا ﴿۳۹﴾ اِنَّ اللّٰهَ

کين الله ڏنو آهي، تنهن مان خرچ ڪندا ته سندن ڪهڙو نقصان ٿيندو ۽ الله کين ڄاڻندڙ آهي ﴿۳۹﴾ بيشڪ الله ذري

لَا يَظْلِمُ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ ۚ وَاِنْ تَكُ حَسَنَةً يُّضٰعِفْهَا وَ يُؤْتِ مِنْ

جيترو به ظلم نه ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن (ڪا) نيڪي هوندي آهي ته (الله تعاليٰ) انهيءَ کي وڌائيندو آهي ۽ پاڻ

لَّدُنْهُ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۴۰﴾ فَكَيْفَ اِذَا جِئْنَا مِنْ كُلِّ اُمَّةٍۭ بِشَهِيْدٍ

وٽان وڏو اجر ڏيندو آهي ﴿۴۰﴾ پوءِ (قيامت جي ڏينهن يهودين ۽ منافقن جو) حال ڪهڙو ٿيندو، جڏهن اسان هر

وَّجِئْنَا بِكَ عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ شَهِيْدًا ﴿۴۱﴾ صلے يَوْمَئِذٍ يَّوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

ٽوليءَ مان هڪ شاهد آڻينداسون ۽ (اي محمد ﷺ!) تو کي انهن تي شاهد ڪري آڻينداسون ﴿۴۱﴾ انهيءَ ڏينهن جن

وَقْفُ النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

وَ عَصَوُا الرَّسُوۡلَ لَوۡ تُسَوّٰى بِهِمُ الۡاَرۡضُ ؕ وَلَا يَكۡتُمُوۡنَ اللّٰهَ حَدِيۡثًا ﴿۴۲﴾ ع

ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ (جن الله جي) رسول (ڪريم ﷺ جن) جي نافرماني ڪئي، اهي چاهيندا ته جيڪر انهن جي مٿان زمين برابر ڪئي وڃي، (يعني جيڪر اهي مري مٽي ٿي وڃن) ۽ اهي الله تعاليٰ کان ڪا به ڳالهه لڪائي نه سگهندا ﴿۴۲﴾

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَقۡرَبُوا الصَّلٰوةَ وَ اَنۡتُمۡ سُكٰرٰى حَتّٰى تَعۡلَمُوۡا مَا

اي ايمان وارو! نشي جي حالت ۾ نماز (جي جاين يعني مسجدن) جي ويجها نه وڃو، ايستائين جو توهان ڄاڻو ته ڇا

تَقُوۡلُوۡنَ وَلَا جُنُبًا اِلَّا عَابِرِىۡ سَبِيۡلٍ حَتّٰى تَغۡتَسِلُوۡا ؕ وَاِنۡ كُنۡتُمۡ

چئي رهيا آهيو ۽ نه جنابت (يعني ترڙ) جي حالت ۾ (نماز جي ويجها وڃو)، مگر مسافريءَ جي حالت ۾ (مسجد وٽان

مَّرۡضٰۤى اَوۡ عَلٰى سَفَرٍ اَوۡ جَآءَ اَحَدٌ مِّنۡكُمۡ مِّنَ الۡغَآٮِٕطِ اَوۡ لٰمَسۡتُمُ

اوچتو گذرو ته معاف آهي)، تانجو غسل ڪريو ۽ جيڪڏهن بيمار يا مسافر هجو يا توهان مان ڪو پنهنجي حاجت

النِّسَآءَ فَلَمۡ تَجِدُوۡا مَآءً فَتَيَمَّمُوۡا صَعِيۡدًا طَيِّبًا فَامۡسَحُوۡا

پوري ڪري اچي، يا زالن جي ويجها ويا هجو، پوءِ پاڻي نه لهو ته پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪريو، پوءِ پنهنجن منهن ۽

بِوُجُوۡهِكُمۡ وَاَيۡدِيۡكُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا غَفُوۡرًا ﴿۴۳﴾ اَلَمۡ تَرَ اِلَى

پنهنجن هٿن تي مسح ڪريو. بيشڪ الله تعاليٰ معاف ڪندڙ، مغفرت ڪندڙ آهي ﴿۴۳﴾ (اي محمد ﷺ!) ڇا تو انهن

الَّذِيۡنَ اُوۡتُوۡا نَصِيۡبًا مِّنَ الۡكِتٰبِ يَشۡتَرُوۡنَ الضَّلٰلَةَ وَيُرِيۡدُوۡنَ

(يهودين) کي نه ڏٺو جن کي ڪتاب مان ڪجهه ڀاڱو ڏنو ويو آهي. گمراهي کي خريد ڪن ٿا ۽ گهرن ٿا ته توهان به

اَنۡ تَضِلُّوا السَّبِيۡلَ ؕ ﴿۴۴﴾ وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ بِاَعۡدَآٮِٕكُمۡ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَلِيًّا ۙ

سڌيءَ واٽ کان گمراه ٿيو ﴿۴۴﴾ ۽ الله، توهان جي دشمنن کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو ۽ الله دوست ڪافي آهي ۽ الله

وَّكَفٰى بِاللّٰهِ نَصِيۡرًا ﴿۴۵﴾ مِنَ الَّذِيۡنَ هَادُوۡا يُحَرِّفُوۡنَ الۡكَلِمَ

مددگار ڪافي آهي ﴿۴۵﴾ (يعني) جيڪي يهودي ٿيا، اهي ڳالهين (يعني توريت ۾ حضرت محمد ﷺ جن جي

عَنۡ مَّوَاضِعِهٖ وَ يَقُوۡلُوۡنَ سَمِعۡنَا وَعَصَيۡنَا وَاسۡمَعۡ غَيۡرَ مُسۡمَعٍ

صفتن) کي پنهنجين جاين تان بدلائيندا آهن ۽ چوندا آهن ته ٻڌوسون ۽ نافرماني ڪئي سون ۽ ٻڌ! توکي نه

وَّ رَاعِنَا لَيًّا بِاَلۡسِنَتِهِمۡ وَ طَعۡنًا فِى الدِّيۡنِ ؕ وَلَوۡ اَنَّهُمۡ قَالُوۡا

ٻڌايو وڃي ۽ پنهنجيون زبانون موڙي ڳالهائيندا آهن ۽ دين ۾ طعني بازي ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن چون ها ته

سَمِعۡنَا وَ اَطَعۡنَا وَاسۡمَعۡ وَ انۡظُرۡنَا لَكَانَ خَيۡرًا لَّهُمۡ وَ

ٻڌوسون ۽ اطاعت ڪئي سون ۽ ٻڌ تون ۽ اسان ڏانهن نظر فرماءِ ته سندن لاءِ اها ڳالهه وڌيڪ چڱي ۽ وڌيڪ

اَقۡوَمَ ۙ وَلٰكِنۡ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفۡرِهِمۡ فَلَا يُؤۡمِنُوۡنَ اِلَّا

سڌي هئي ۽ پر الله مٿن سندن ڪفر جي ڪري لعنت وجهي ڇڏي آهي، پوءِ ڪي ٿورا آهن، جيڪي ايمان

قَلِيۡلًا ﴿۴۶﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ اٰمِنُوۡا بِمَا نَزَّلۡنَا مُصَدِّقًا

آڻين ٿا ﴿۴۶﴾ اي ڪتاب وارو! اسان جيڪو (ڪتاب محمد ﷺ) تي لاٿو آهي، تنهن تي ايمان آڻيو، (جيڪو) تصديق ڪندڙ

لِّمَا مَعَكُمۡ مِّنۡ قَبۡلِ اَنۡ نَّطۡمِسَ وُجُوۡهًا فَنَرُدَّهَا عَلٰٓى اَدۡبَارِهَاۤ

آهي انهيءَ (ڪتاب) جي، جيڪو توهان وٽ آهي، اڳ هن کان جو (ماڻهن جا) منهن بگاڙيون، پوءِ انهن کي پوئين

اَوۡ نَلۡعَنَهُمۡ كَمَا لَعَنَّاۤ اَصۡحٰبَ السَّبۡتِ ؕ وَكَانَ اَمۡرُ اللّٰهِ مَفۡعُوۡلًا ﴿۴۷﴾

پاسي ڦيرائي ڇڏيون يا ڇنڇر جي ڏينهن وارن ماڻهن وانگر مٿن لعنت ڪريون ۽ الله جو حڪم (پورو) ٿيڻ وارو آهي ﴿۴۷﴾

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغۡفِرُ اَنۡ يُّشۡرَكَ بِهٖ وَ يَغۡفِرُ مَا دُوۡنَ ذٰلِكَ لِمَنۡ يَّشَآءُ ۚ

بيشڪ الله نٿو بخشي ته ساڻس شرڪ ڪجي، ان کان سواءِ جيڪي گناه، جنهن کي گهري تو معاف ڪري ٿو ۽ جيڪو

وَمَنۡ يُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ فَقَدِ افۡتَـرٰۤى اِثۡمًا عَظِيۡمًا ﴿۴۸﴾ اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ

الله تعاليٰ سان (ڪنهن کي) شريڪ ڪندو، تنهن بيشڪ وڏي گناهه جو بهتان مڙهيو ﴿۴۸﴾ ڇا تو انهن (يهودين) کي نه

يُزَكُّوْنَ اَنْفُسَهُمْ ط بَلِ اللّٰهُ يُزَكِّيْ مَنْ يَّشَآءُ وَلَا يُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿٤٩﴾

ڏنو، جيڪي پاڻ کي پاڪ چون ٿا، بلڪ الله جنهن کي گهري تو، پاڪ ڪري ٿو ۽ متن ذري برابر به ظلم نه ڪيو ويندو ﴿٤٩﴾

اُنْظُرْ كَيْفَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ط وَكَفٰى بِهٖٓ اِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿٥٠﴾ ع

(اي محمد ﷺ!) ڏس ته الله تعاليٰ تي ڪيئن ڪوڙو بهتان هڻن ٿا ۽ اها ئي ڳالهه پڌري گناه هجڻ لاءِ ڪافي آهي ﴿٥٠﴾

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يُؤْمِنُوْنَ بِالْجِبْتِ

ڇا تو نه ڏٺو انهن (يهودي عالمن) کي جن کي ڪتابَ مان ڪجهه ڀاڱو ڏنو ويو آهي، اهي شيطان ۽ طاغوت تي ايمان

وَالطَّاغُوْتِ وَيَقُوْلُوْنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا هٰٓؤُلَآءِ اَهْدٰى مِنَ الَّذِيْنَ

آڻين ٿا ۽ (قريش جي) ڪافرن جي باري ۾ چون ٿا ته اهي ايمان وارن کان وڌيڪ هدايت واري واٽ

اٰمَنُوْا سَبِيْلًا ﴿٥١﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ ط وَمَنْ يَّلْعَنِ اللّٰهُ

تي آهن ﴿٥١﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن تي الله لعنت ڪئي ۽ جنهن تي الله لعنت ڪري تنهن لاءِ

فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ نَصِيْرًا ﴿٥٢﴾ اَمْ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّنَ الْمُلْكِ فَاِذًا لَّا

ڪنهن کي مددگار نه لهندين ﴿٥٢﴾ يا سندن لاءِ بادشاهيءَ مان ڪو ڀاڱو آهي؟ (۽ جيڪڏهن وٽن بادشاهيءَ جو ڀاڱو

يُؤْتُوْنَ النَّاسَ نَقِيْرًا ﴿٥٣﴾ اَمْ يَحْسُدُوْنَ النَّاسَ عَلٰى مَآ اٰتٰىهُمُ

هجي ها ته) ان وقت ماڻهن کي ترُ به نه ڏين ها ﴿٥٣﴾ يا الله تعاليٰ ماڻهن کي پنهنجو جيڪو فضل عطا فرمايو آهي،

اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ج فَقَدْ اٰتَيْنَآ اٰلَ اِبْرٰهِيْمَ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَ

تنهن تي ساڙن حسد ڪن ٿا، پوءِ بيشڪ اسان ابراهيم (عليه السلام) جي آل کي ڪتاب ۽ حڪمت عطا فرمائي ۽

اٰتَيْنٰهُمْ مُّلْكًا عَظِيْمًا ﴿٥٤﴾ فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ بِهٖ وَمِنْهُمْ مَّنْ

کين وڏي بادشاهي ڏني ﴿٥٤﴾ پوءِ انهن (يهودين مان) ڪي متس (يعني حضرت محمد ﷺ جن تي) ايمان آڻين ٿا

صَدَّ عَنْهُ ط وَكَفٰى بِجَهَنَّمَ سَعِيْرًا ﴿٥٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا

۽ انهن مان ڪي ان کان روڪين ٿا ۽ (ڪين) ساڙڻ لاءِ جهنم ڪافي آهي ﴿٥٥﴾ بيشڪ جن ماڻهن اسان جي آيتن جو ڪفر

سَوْفَ نُصْلِيْهِمْ نَارًا ط كُلَّمَا نَضِجَتْ جُلُوْدُهُمْ بَدَّلْنٰهُمْ جُلُوْدًا

ڪيو، انهن کي سگهوئي دوزخ ۾ پهچائينداسون. جڏهن به سندن کلون سڙي ڳري وينديون، انهن جي بدلي

غَيْرَهَا لِيَذُوْقُوا الْعَذَابَ ط اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿٥٦﴾ وَالَّذِيْنَ

۾ سندن ٻيون کلون مٽائينداسون جيئن عذاب چکن. بيشڪ الله غالب، حڪمت وارو آهي ﴿٥٦﴾ ۽ جن ماڻهن ايمان

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَنُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا

آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، سگهوئي انهن کي جنتن ۾ داخل ڪنداسون، جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن.

الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ط لَهُمْ فِيْهَآ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ز وَّ

منجهن سدائين رهڻ وارا آهن. انهن ۾ سندن لاءِ پاڪ گهر واريون آهن ۽ ڪين (گهاٽين ۽ وٿندڙ) ڇانوَن

نُدْخِلُهُمْ ظِلًّا ظَلِيْلًا ﴿٥٧﴾ اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تُؤَدُّوا الْاَمٰنٰتِ

۾ داخل ڪنداسون ﴿٥٧﴾ بيشڪ الله، توهان کي حڪم ڪري ٿو ته امانتون سندن مالڪن کي ادا ڪريو

اِلٰٓى اَهْلِهَا لا وَاِذَا حَكَمْتُمْ بَيْنَ النَّاسِ اَنْ تَحْكُمُوْا بِالْعَدْلِ ط

۽ جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪريو ته انصاف سان فيصلو ڪريو. بيشڪ الله توهان کي

اِنَّ اللّٰهَ نِعِمَّا يَعِظُكُمْ بِهٖ ط اِنَّ اللّٰهَ كَانَ سَمِيْعًا بَصِيْرًا ﴿٥٨﴾ يٰٓاَيُّهَا

ڏاڍي چڱي نصيحت فرمائي ٿو. بيشڪ الله تعاليٰ ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي ﴿٥٨﴾ اي ايمان وارو!

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَاُولِي الْاَمْرِ مِنْكُمْ ج

فرمانبرداري ڪريو الله جي ۽ فرمانبرداري ڪريو رسول (الله ﷺ جن) جي ۽ پنهنجن حڪمرانن جي. پوءِ

فَاِنْ تَنَازَعْتُمْ فِيْ شَيْءٍ فَرُدُّوْهُ اِلَى اللّٰهِ وَ الرَّسُوْلِ اِنْ كُنْتُمْ

جيڪڏهن ڪنهن شيءِ ۾ توهان جو اختلاف ٿي پوي ته ان کي الله ۽ رسول (الله ﷺ) ڏانهن موٽايو، جيڪڏهن توهان الله ۽

تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّاَحْسَنُ تَاْوِيْلًا ﴿٥٩﴾ ع ٩ ٥

آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکو ٿا. اها (ڳالهه) وڌيڪ چڱي ۽ نتيجي جي لحاظ سان ڏاڍي سهڻي آهي ﴿٥٩﴾

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يَزْعُمُوْنَ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ

ڇا تو نه ڏٺو انهن ماڻهن ڏانهن، جيڪي پاڻئين ٿا ته جيڪو (قرآن) تو ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ۽ جيڪي (ڪتاب)

وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّتَحَاكَمُوْٓا اِلَى الطَّاغُوْتِ

توکان اڳ (بين نبين سڳورن تي) نازل ڪيا ويا آهن، تن تي انهن ايمان آندو آهي. گهرن ٿا ته طاغوت مطابق

وَقَدْ اُمِرُوْٓا اَنْ يَّكْفُرُوْا بِهٖ ۭ وَيُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّضِلَّهُمْ

پنهنجا فيصلا ڪن ۽ کين حڪم ڪيو ويو آهي ته ان جو انڪار ڪن ۽ شيطان گهري ٿو ته کين ڏور انهين گمراهيءَ ۾ اڇلائي

ضَلٰلًا بَعِيْدًا ﴿٦٠﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا اِلٰى مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَاِلَى

ڇڏي ﴿٦٠﴾ ۽ جڏهن کين چيو وڃي ٿو ته اچو ان (ڪتاب) ڏانهن جيڪو الله لاٿو آهي ۽ (اچو) رسول (الله ﷺ) ڏانهن ته

الرَّسُوْلِ رَاَيْتَ الْمُنٰفِقِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْكَ صُدُوْدًا ﴿٦١﴾ ج فَكَيْفَ اِذَآ

منافقن کي ڏسين ٿو ته (پورو پورو زور لائي، ماڻهن کي) توکان روڪين ٿا ﴿٦١﴾ پوءِ سندن ڪهڙو حال ٿيندو، جڏهن کين

اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ثُمَّ جَآءُوْكَ يَحْلِفُوْنَ ۖ

سندن عملن جي نتيجي ۾ مصيبت پهچندي. پوءِ تو وٽ اچي، الله جا قسم کڻندا ته (طاغوت مطابق فيصلي ڪرڻ ۾)

بِاللّٰهِ اِنْ اَرَدْنَآ اِلَّآ اِحْسَانًا وَّتَوْفِيْقًا ﴿٦٢﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يَعْلَمُ

اسان جو مقصد رڳو (وڙهيل ڌرين ۾) نيڪي ۽ موافقت پيدا ڪرڻ آهي ﴿٦٢﴾ اِهي اُهي ماڻهو آهن، جن جي دلين ۾

اللّٰهُ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۗ فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَعِظْهُمْ وَقُلْ لَّهُمْ فِيْٓ

جيڪي ڪجھ آهي، تنهن ڪي الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو. پوءِ انهن کان منهن موڙ ۽ کين نصيحت ڪر ۽ سندن دلين ۾ اثر ائتي

اَنْفُسِهِمْ قَوْلًۢا بَلِيْغًا ﴿٦٣﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا لِيُطَاعَ بِاِذْنِ

ڳالھ فرماءِ ﴿٦٣﴾ ۽ اسان جيڪو بہ رسول موڪليو آهي، (هميشه هن مقصد سان موڪليو آهي تہ) الله جي حڪم مطابق

اللّٰهِ ۭ وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ جَاۗءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ

سندس اطاعت ڪجي ۽ جيڪڏهن اهي جڏهن پاڻ تي ظلم ڪن ها، پوءِ تو وٽ اچن ها، پوءِ الله کان گناهن جي بخشش گهرن ها ۽

وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿٦٤﴾ فَلَا وَرَبِّكَ لَا

رسول الله (ﷺ) بہ سندن لاءِ بخشش گهري ها تہ ضرور الله کي توبہ قبول ڪندڙ رحم ڪندڙ لهن ها ﴿٦٤﴾ پوءِ نہ (اي محمد ﷺ!)

يُؤْمِنُوْنَ حَتّٰي يُحَكِّمُوْكَ فِيْمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ لَا يَجِدُوْا فِيْٓ

تنهنجي ربّ جو قسم! اهي مؤمن نہ ٿيندا، تانجو پنهنجن اختلافن ۾ توکي فيصلو ڪندڙ مڃين. پوءِ جيڪو فيصلو تون ڪرين،

اَنْفُسِهِمْ حَرَجًا مِّمَّا قَضَيْتَ وَيُسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿٦٥﴾ وَلَوْ اَنَّا كَتَبْنَا

تنهن جي باري ۾ پنهنجي دل ۾ ڪا تنگي نہ لهن ۽ (تنهنجي حڪم جي اڳيان) چڱيءَ طرح ڪنڌ نوائين ﴿٦٥﴾ ۽ جيڪڏهن اسان

عَلَيْهِمْ اَنِ اقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ اَوِ اخْرُجُوْا مِنْ دِيَارِكُمْ مَّا فَعَلُوْهُ اِلَّا

انهن (يهودين مان ٿيندڙ منافقن) تي لکون ها تہ (بني اسرائيل وانگر) هڪ ٻئي کي قتل ڪريو، يا (مهاجرن وانگر) پنهنجن

قَلِيْلٌ مِّنْهُمْ ۭ وَلَوْ اَنَّهُمْ فَعَلُوْا مَا يُوْعَظُوْنَ بِهٖ لَكَانَ خَيْرًا

شهرن مان نڪري پئو تہ انهن مان ڪن ٿورڙن کان سواءِ ڪو انهيءَ (حڪم) تي عمل نہ ڪري ها ۽ جيڪا نصيحت انهن کي
ڪئي وڃي ٿي، جيڪڏهن اهي انهيءَ تي عمل ڪن ها تہ البت اها ڳالھ انهن جي لاءِ وڌيڪ چڱي ۽ (عقيدي جي اصلاح

لَّهُمْ وَاَشَدَّ تَثْبِيْتًا ﴿٦٦﴾ وَّاِذًا لَّاٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ لَّدُنَّآ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٦٧﴾

جي لحاظ سان) وڌيڪ پڪي پختي هجي ﴿٦٦﴾ ۽ ان وقت ضرور کين اسين پنهنجي طرفان وڏو اجر ڏيون ها ﴿٦٧﴾

وَّلَهَدَيْنٰهُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿٦٨﴾ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ

۽ ضرور کين سڌي واٽ تي هلايون ها ﴿٦٨﴾ ۽ جيڪي ماڻهو الله ۽ (سندس) رسول (ﷺ) جي تابعداري ڪندا، ته پوءِ

فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ

بيشڪ اهي انهن سان گڏ هوندا، جن تي الله تعاليٰ انعام فرمايو آهي (يعني) نبين ۽ صديقن ۽ شهيدن ۽

وَالشُّهَدَآءِ وَالصّٰلِحِيْنَ ۚ وَحَسُنَ اُولٰٓئِكَ رَفِيْقًا ﴿٦٩﴾ ؕ ذٰلِكَ الْفَضْلُ مِنَ

صالحين سان گڏ (هوندا) ۽ اهي (نبي، صديق، شهيد ۽ صالحين) ڏاڍا پيارا دوست آهن ﴿٦٩﴾ اهو الله جو فضل آهيٰ

ع ١١ اللّٰهِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ عَلِيْمًا ﴿٧٠﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا خُذُوْا حِذْرَكُمْ

۽ الله علم رکندڙ ڪافي آهي ﴿٧٠﴾ اي ايمان وارو! (جهاد جي لاءِ) پنهنجا هٿيار ڪٽو. پوءِ (جيڪڏهن رسول الله

فَانْفِرُوْا ثُبَاتٍ اَوِ انْفِرُوْا جَمِيْعًا ﴿٧١﴾ وَاِنَّ مِنْكُمْ لَمَنْ لَّيُبَطِّئَنَّ ۚ فَاِنْ

ﷺ جن توهان سان گڏ نه هجن ته) توهان ويڙهه لاءِ ٽوليون ٽوليون ٿي نڪرو، يا (جيڪڏهن رسول الله ﷺ جن توهان ۾ موجود هجن
ته)، پوءِ سڀ گڏجي ويڙهه لاءِ نڪرو ﴿٧١﴾ ۽ بيشڪ توهان ۾ ڪو شخص (يعني منافق ماڻهو اهڙو) آهي، جيڪو جهاد تي نڪرڻ

اَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةٌ قَالَ قَدْ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيَّ اِذْ لَمْ اَكُنْ مَّعَهُمْ

کان پوئتي رهندو آهي. پوءِ جيڪڏهن توهان کي ڪا مصيبت پهچندي آهي ته چوندو آهي ته تحقيق مون تي الله

شَهِيْدًا ﴿٧٢﴾ وَلَئِنْ اَصَابَكُمْ فَضْلٌ مِّنَ اللّٰهِ لَيَقُوْلَنَّ كَاَنْ لَّمْ تَكُنْۢ

احسان فرمايو آهي، جو آءٌ انهن (مجاهدن) سان گڏ (جنگ جي محاذ تي) حاضر نه هيس ﴿٧٢﴾ ۽ جيڪڏهن توهان کي الله جو فضل
پهچندو آهي (يعني توهان کي سوڀ ۽ مال غنيمت ملندي آهي) ته ضرور ان شخص وانگر چوندو، جنهن جي ۽ توهان جي وچ

بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهٗ مَوَدَّةٌ يّٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ مَعَهُمْ فَاَفُوْزَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧٣﴾

۾ ڄڻ ته ڪا دوستي نه آهي ته جيڪر انهن سان گڏ هجان ها، ته پوءِ وڏي ڪاميابي (يعني مال غنيمت) ماڻيان ها ﴿٧٣﴾

فَلْيُقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يَشْرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ؕ

پوءِ گهرجي ته الله جي واٽ ۾ انهن ماڻهن سان جنگ ڪريو، جيڪي آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي زندگيءَ کي

وَمَنْ يُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَيُقْتَلْ اَوْ يَغْلِبْ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ

خريد ڪري رهيا آهن ۽ جيڪو شخص الله جي واٽ ۾ وڙهندو، پوءِ قتل ڪيو ويندو يا غالب ٿيندو ته سگهوئي ان کي

اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٧٤﴾ وَمَا لَكُمْ لَا تُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالْمُسْتَضْعَفِيْنَ

وڏو اجر ڏينداسون ﴿٧٤﴾ ۽ (اي مؤمنو!) توهان کي ڇا ٿيو آهي، جو الله جي واٽ ۾ نٿا وڙهو؟ ۽ مردن

مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَآءِ وَالْوِلْدَانِ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا مِنْ

۽ عورتن ۽ ٻارن مان جيڪي ڪمزور آهن، اهي چون ٿا ته ربّ اسان جا! اسان کي هن ڳوٺ مان ٻاهر

هٰذِهِ الْقَرْيَةِ الظَّالِمِ اَهْلُهَا ۚ وَاجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ۚ

ڪڍ، جتان جا رهڻ وارا ظالم آهن ۽ اسان جي لاءِ پنهنجي طرفان ڪو دوست پيدا ڪر ۽ اسان جي لاءِ پنهنجي

وَّاجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ نَصِيْرًا ﴿٧٥﴾ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ

طرفان ڪو مددگار پيدا فرماءِ ﴿٧٥﴾ جن ماڻهن ايمان آندو آهي، اهي الله جي رستي ۾ وڙهندا آهن

اللّٰهِ ۚ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ الطَّاغُوْتِ فَقَاتِلُوْٓا

۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو آهي، اهي شيطان جي رستي ۾ وڙهندا آهن، پوءِ توهان شيطان جي ساٿين

اَوْلِيَآءَ الشَّيْطٰنِ ۚ اِنَّ كَيْدَ الشَّيْطٰنِ كَانَ ضَعِيْفًا ﴿٧٦﴾ ع اَلَمْ تَرَ اِلَى

سان وڙهو. بيشڪ شيطان جي تدبير ڪمزور آهي ﴿٧٦﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) ڇا تو انهن ماڻهن کي نه ڏٺو

الَّذِيْنَ قِيْلَ لَهُمْ كُفُّوْٓا اَيْدِيَكُمْ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ۚ

جن کي چيو ويو ته پنهنجا هٿ روڪيو ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوٰة ڏيو، پوءِ جڏهن مٿن ويڙهه فرض ڪئي وئي، ان

فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ يَخْشَوْنَ النَّاسَ

وقت انهن مان هڪڙي ٽولي ماڻهن کان ائين ڊڄڻ لڳندي آهي، جيئن الله کان ڊڄڻ گهرجي، يا ان کان به وڌيڪ

كَخَشْيَةِ اللّٰهِ اَوْ اَشَدَّ خَشْيَةً ۚ وَقَالُوْا رَبَّنَا لِمَ كَتَبْتَ عَلَيْنَا

ڊڄندا آهن ۽ چوندا آهن تہ ربّ اسان جا! اسان تي تو جنگ ڇا جي لاءِ فرض ڪئي؟ اسان کي ويجهي مدت تائين

الْقِتَالَ ۚ لَوْلَآ اَخَّرْتَنَآ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ؕ قُلْ مَتَاعُ الدُّنْيَا قَلِيْلٌ ۚ

مهلت ڇو نہ ڏنئي؟ (اي محمّد ﷺ!) فرماءِ تہ دنيا جو سامان تورو آهي ۽ آخرت انهيءَ شخص لاءِ وڌيڪ چڱي

وَالْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّمَنِ اتَّقٰى ۟ وَلَا تُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿٧٧﴾ اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا

آهي، جيڪو پرهيزگاري ڪري ٿو ۽ توهان تي تند جيترو بہ ظلم نہ ڪيو ويندو ﴿٧٧﴾ توهان جتي بہ هوندا، موت

يُدْرِكْكُّمُ الْمَوْتُ وَلَوْ كُنْتُمْ فِيْ بُرُوْجٍ مُّشَيَّدَةٍ ؕ وَاِنْ تُصِبْهُمْ

توهان کي اچي لهندو، جيتوڻيڪ مضبوط ڪوٽن ۾ هجو ۽ جيڪڏهن انهن (يهودين ۽ منافقن) کي ڀلائي

حَسَنَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّقُوْلُوْا

پهچندي آهي، چوندا آهن تہ اها الله جي طرفان آهي ۽ جيڪڏهن کين برائي پهچندي آهي،

هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِكَ ؕ قُلْ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ فَمَالِ هٰٓؤُلَآءِ الْقَوْمِ

چوندا آهن تہ اها تنهنجي طرفان آهي. (اي محمّد ﷺ!) فرماءِ تہ سڀ ڪجهہ الله جي طرفان آهي، پوءِ هن

لَا يَكَادُوْنَ يَفْقَهُوْنَ حَدِيْثًا ﴿٧٨﴾ مَآ اَصَابَكَ مِنْ حَسَنَةٍ فَمِنَ

قوم کي ڇا ٿيو آهي جو ڪا ڳالهہ ئي نٿا سمجهن ﴿٧٨﴾ توکي جيڪا بہ ڀلائي پهچي ٿي، اها الله جي طرفان آهي

اللّٰهِ ۫ وَمَآ اَصَابَكَ مِنْ سَيِّئَةٍ فَمِنْ نَّفْسِكَ ؕ وَاَرْسَلْنٰكَ

۽ توکي جيڪا بہ برائي پهچي ٿي، اها تنهنجي پنهنجي نفس جي طرفان آهي ۽ اسان توکي (سڀني) ماڻهن جي لاءِ

لِلنَّاسِ رَسُوْلًا ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿٧٩﴾ مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ

رسول ڪري موڪليو آهي ۽ الله شاهد ڪافي آهي ﴿٧٩﴾ جيڪو شخص رسول (الله ﷺ جن) جي اطاعت ڪندو، پوءِ بيشڪ

اَطَاعَ اللّٰهَ ۚ وَمَنْ تَوَلّٰى فَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ﴿٨٠﴾ وَيَقُوْلُوْنَ

انهيءَ الله جي اطاعت ڪئي ۽ جيڪو منهن موڙيندو ته اسان توکي مٿن نگران ڪري نه موڪليو آهي ﴿٨٠﴾ ۽ (منافق) چون

طَاعَةٌ ۡ فَاِذَا بَرَزُوْا مِنْ عِنْدِكَ بَيَّتَ طَآئِفَةٌ مِّنْهُمْ غَيْرَ

تا ته تابعداري ڪئي سون. پوءِ جڏهن تو وٽان نڪرن تا ته انهن مان هڪڙي ٽولي رات جي وقت تنهنجي فرمان جي ابتڙ

الَّذِىْ تَقُوْلُ ؕ وَاللّٰهُ يَكْتُبُ مَا يُبَيِّتُوْنَ ۚ فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَتَوَكَّلْ

صلاح مشورا ڪري ٿي ۽ رات جي وقت جيڪي (مشورا) اهي ڪن ٿا، تن کي الله لکي ٿو. پوءِ انهن کان منهن موڙ ۽ الله

عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿٨١﴾ اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ ؕ وَلَوْ كَانَ

تي ڀروسو رک ۽ الله ڪارساز ڪافي آهي ﴿٨١﴾ ڇا پوءِ قرآن ۾ غور نٿا ڪن ۽ جيڪڏهن (قرآن) غير الله جي طرفان هجي ها

مِنْ عِنْدِ غَيْرِ اللّٰهِ لَوَجَدُوْا فِيْهِ اخْتِلَافًا كَثِيْرًا ﴿٨٢﴾ وَاِذَا جَآءَهُمْ اَمْرٌ

ته ضرور ان ۾ گهڻا اختلاف (يعني ابتڙ سبتڙ، ڪوڙيون ۽ باطل ڳالهيون) لهن ها ﴿٨٢﴾ ۽ جڏهن انهن (منافقن) وٽ امن يا

مِّنَ الْاَمْنِ اَوِ الْخَوْفِ اَذَاعُوْا بِهٖ ؕ وَلَوْ رَدُّوْهُ اِلَى الرَّسُوْلِ وَاِلٰٓى

خوف جي ڪا ڳالهه اچي ٿي ته ان کي ڦهلائين ٿا ۽ جيڪڏهن ان کي رسول (الله ﷺ جن) ڏانهن يا پنهنجن حڪمرانن

اُولِى الْاَمْرِ مِنْهُمْ لَعَلِمَهُ الَّذِيْنَ يَسْتَنْۢبِطُوْنَهٗ مِنْهُمْ ؕ وَلَوْلَا

ڏانهن موٽائين ها ته انهن مان جيڪي جاچ ڪري سگهن ٿا، اهي البت ان کي ڄاڻن ها ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل

فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ لَاتَّبَعْتُمُ الشَّيْطٰنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٨٣﴾ فَقَاتِلْ

۽ سندس رحمت نه هجي ها ته ٿورن کان سواءِ ضرور شيطان جي پيروي ڪريو ها ﴿٨٣﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ!) الله جي واٽ ۾

فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ لَا تُكَلَّفُ اِلَّا نَفْسَكَ وَحَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ عَسَى

جنگ ڪر. توکي رڳو پنهنجي ذات جي حد تائين تڪليف ڏني وڃي ٿي ۽ مؤمنن کي ترغيب ڏي. ويجهو آهي ته الله انهن

اللّٰهُ اَنْ يَّكُفَّ بَاْسَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ وَاللّٰهُ اَشَدُّ بَاْسًا وَّاَشَدُّ تَنْكِيْلًا ﴿۸۴﴾

ماڻهن جي جنگي قوت کي روڪي ڇڏي، جن ڪفر ڪيو آهي ۽ الله وڏيڪ طاقتور ۽ سخت سزا ڏيڻ وارو آهي ﴿۸۴﴾

مَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً حَسَنَةً يَّكُنْ لَّهٗ نَصِيْبٌ مِّنْهَا ۚ وَمَنْ يَّشْفَعْ

جيڪو شخص چڱي (يعني شريعت جي حد جي اندر) سفارش ڪندو، تنهن لاءِ ان (جي ثواب) مان هڪ ڀاڱو آهي ۽

شَفَاعَةً سَيِّئَةً يَّكُنْ لَّهٗ كِفْلٌ مِّنْهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

جيڪو بڇڙي (يعني غير شرعي) سفارش ڪندو، تنهن لاءِ ان (جي گناه) مان هڪ ڀاڱو آهي ۽ الله تعاليٰ هر شيءِ تي

مُّقِيْتًا ﴿۸۵﴾ وَاِذَا حُيِّيْتُمْ بِتَحِيَّةٍ فَحَيُّوْا بِاَحْسَنَ مِنْهَآ اَوْ رُدُّوْهَا ؕ اِنَّ

نگران آهي ﴿۸۵﴾ ۽ جڏهن توهان کي دعا ڏني وڃي ته (موٽ ۾) ان کان وڏيڪ سهڻي، يا اهڙي ئي دعا ڏيو.

اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ حَسِيْبًا ﴿۸۶﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ لَيَجْمَعَنَّكُمْ

بيشڪ الله هر شيءِ جو حساب وٺڻ وارو آهي ﴿۸۶﴾ الله کان سواءِ ڪو معبود نه آهي. البت (الله) ضرور توهان کي

اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ؕ وَمَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ حَدِيْثًا ﴿۸۷﴾ ع

قيامت جي ڏينهن گڏ ڪندو، جنهن ۾ ڪو شڪ نه آهي ۽ (پنهنجي) ڳالهه ۾ الله کان وڏيڪ سچو ڪير آهي ﴿۸۷﴾

فَمَا لَكُمْ فِى الْمُنٰفِقِيْنَ فِئَتَيْنِ وَاللّٰهُ اَرْكَسَهُمْ بِمَا كَسَبُوْا ؕ

پوءِ منافقن جي باري ۾ ڇا جي ڪري توهان ٻه ٽوليون آهيو؟ ۽ الله سندن ڪرتوتن جي ڪري ڪين اونڌو (۽ انڌو) ڪري

اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَهْدُوْا مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ

ڇڏيو آهي. ڇا گهرو ٿا ته جنهن کي الله گمراه ڪري، تنهن کي هدايت ڏيو ۽ جنهن کي الله گمراه ڪري، تنهن لاءِ هرگز ڪا

لَهٗ سَبِيْلًا ﴿۸۸﴾ وَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ كَمَا كَفَرُوْا فَتَكُوْنُوْنَ سَوَآءً فَلَا

واٽ نه لهندين ﴿۸۸﴾ منافق پسند ڪن ٿا ته جيڪر توهان به ڪافر ٿيو، جيئن اهي ڪافر ٿيا آهن، پوءِ (سڀ) برابر ٿيو.

الربع

تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ اَوْلِيَآءَ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا فِیْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا

پوءِ انهن مان ڪنهن کي دوست نہ بڻايو، تانجو الله جي واٽ ۾ هجرت ڪن. پوءِ جيڪڏهن پٺي ڦيرائين

فَخُذُوْهُمْ وَ اقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ ۪ وَلَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ

تہ ڪين پڪڙيو ۽ ڪين قتل ڪريو، جتي بہ ڪين لهو ۽ نہ انهن مان ڪنهن کي (پنهنجو) دوست بڻايو ۽ نہ ڪنهن

وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ۙ﴿٨٩﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ اِلٰى قَوْمٍۭ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ

کي مددگار بڻايو ﴿٨٩﴾ مگر جن ماڻهن جو ان قوم سان واسطو هجي، جن جي ۽ توهان جي وچ ۾ ڪو عهد آهي، يا

مِّيْثَاقٌ اَوْ جَآءُوْكُمْ حَصِرَتْ صُدُوْرُهُمْ اَنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ اَوْ

جيڪي توهان وٽ هن حالت ۾ اچن جو سندن سينا توهان سان وڙهڻ کان تنگ اچي چڪا آهن، يا پنهنجي قوم

يُقَاتِلُوْا قَوْمَهُمْ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَسَلَّطَهُمْ عَلَيْكُمْ فَلَقٰتَلُوْكُمْ ۚ فَاِنِ

سان وڙهڻ کان (تنگ آهن) ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ البت ڪين توهان تي مسلط ڪري ها، پوءِ توهان سان وڙهن

اعْتَزَلُوْكُمْ فَلَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ وَ اَلْقَوْا اِلَيْكُمُ السَّلَمَ ۙ فَمَا جَعَلَ

ها. پوءِ جيڪڏهن هڪ پاسي (يعني غير جانبدار) ٿين ۽ توهان سان نہ وڙهن ۽ توهان کان صلح جي طلب ڪن تہ

اللّٰهُ لَكُمْ عَلَيْهِمْ سَبِيْلًا ﴿٩٠﴾ سَتَجِدُوْنَ اٰخَرِيْنَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ

الله توهان لاءِ مٿن ڪا واٽ نہ ڇڏي آهي ﴿٩٠﴾ سگهوئي توهان ٻين (ماڻهن) کي لهندا، جيڪي گهرن ٿا تہ توهان

يَّاْمَنُوْكُمْ وَيَاْمَنُوْا قَوْمَهُمْ ؕ كُلَّمَا رُدُّوْٓا اِلَى الْفِتْنَةِ اُرْكِسُوْا

کان بہ امن ۾ رهن ۽ پنهنجي قوم کان بہ امن ۾ رهن. جڏهن بہ فتني ڏانهن موٽايا ويندا آهن، انهيءَ ۾ اونڌا ٿي

فِيْهَا ۚ فَاِنْ لَّمْ يَعْتَزِلُوْكُمْ وَ يُلْقُوْٓا اِلَيْكُمُ السَّلَمَ وَيَكُفُّوْٓا اَيْدِيَهُمْ

ڪرندا آهن، پوءِ جيڪڏهن توهان (سان وڙهڻ) کان جدا نہ ٿين ۽ توهان کان صلح جي طلب (نہ) ڪن ۽ پنهنجن

فَخُذُوْهُمْ وَ اقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ ؕ وَ اُولٰٓئِكُمْ جَعَلْنَا لَكُمْ

هتن ڪي (نہ) روڪين تہ کين پڪڙيو ۽ کين قتل ڪريو، جتي بہ کين لهو ۽ اهي ئي توهان جا (دشمن) آهن، جن تي

عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿٩١﴾ ع وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ اَنْ يَّقْتُلَ مُؤْمِنًا ١٢ ع ١٣ ١

اسان توهان کي پڌري حجت (يعني غلبو) ڏنو آهي ﴿٩١﴾ ۽ ڪنهن مؤمن کي نٿو جڳائي تہ ڪنهن مؤمن کي خطا

اِلَّا خَطَـًٔا ۚ وَمَنْ قَتَلَ مُؤْمِنًا خَطَـًٔا فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ

ڪان سواءِ قتل ڪري ۽ جيڪو شخص ڪنهن مؤمن کي خطا سان قتل ڪندو تہ (سندس سزا) هڪ مؤمن ٻانهو آزاد

وَّدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰۤى اَهْلِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ يَّصَّدَّقُوْا ؕ فَاِنْ كَانَ مِنْ

ڪرڻ ۽ سندس وارثن کي پوري خون بها ڏيڻ آهي، سواءِ ان جي جو (وارث خون بها) معاف ڪن. پوءِ جيڪڏهن

قَوْمٍ عَدُوٍّ لَّكُمْ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ؕ وَاِنْ

(مقتول) توهان جي دشمن قوم مان هجي ۽ (پر) پاڻ مؤمن هجي تہ (قاتل تي) هڪ مؤمن ٻانهو آزاد ڪرڻ آهي

كَانَ مِنْ قَوْمٍۭ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ فَدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰۤى

۽ جيڪڏهن (مقتول) انهيءَ قوم مان هجي جنهن جي ۽ توهان جي وچ ۾ عهد آهي تہ سندس وارثن کي پوري

اَهْلِهٖ وَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ شَهْرَيْنِ

ديت (يعني خون بها) ڏيڻي ۽ هڪ مؤمن ٻانهي کي آزاد ڪرڻ آهي. پوءِ جيڪو شخص (ديت ۽ ٻانهو)

مُتَتَابِعَيْنِ ۫ تَوْبَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿٩٢﴾ وَمَنْ

نہ لهي تہ لاڳيتا ٻہ مهينا روزا رکي. اها الله جي طرفان توبه آهي ۽ الله علم وارو، حڪمت وارو آهي ﴿٩٢﴾ ۽ جيڪو

يَّقْتُلْ مُؤْمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِيْهَا وَغَضِبَ

شخص ڪنهن مؤمن کي ڄاڻي واڻي قتل ڪندو، ان جو بدلو جهنم آهي، جنهن ۾ سدائين رهندو. متس الله جو

اللّٰهُ عَلَيْهِ وَلَعَنَهٗ وَاَعَدَّ لَهٗ عَذَابًا عَظِيْمًا ﴿٩٣﴾ يٰۤاَيُّهَا

غضب آهي ۽ ان تي سندس لعنت آهي ۽ (الله تعاليٰ) سندس لاءِ وڏو عذاب تيار ڪيو آهي ﴿٩٣﴾ اي ايمان وارو!

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا ضَرَبْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَتَبَيَّنُوْا وَلَا تَقُوْلُوْا

جڏهن الله جي واٽ ۾ نڪرو ته چڱيءَ طرح تحقيقات ڪندا ڪريو ۽ جيڪو توهان کي سلام ڪري،

لِمَنْ اَلْقٰۤى اِلَيْكُمُ السَّلٰمَ لَسْتَ مُؤْمِنًا ۚ تَبْتَغُوْنَ عَرَضَ

تنهن کي نه چئو ته تون مؤمن نه آهين. توهان دنيا جي زندگيءَ جو سامان ڳوليو ٿا، پوءِ الله

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۫ فَعِنْدَ اللّٰهِ مَغَانِمُ كَثِيْرَةٌ ؕ كَذٰلِكَ كُنْتُمْ

تعاليٰ وٽ گهڻيون ئي غنيمتون آهن. پهريائين توهان به ائين ئي هئا، پوءِ الله توهان تي احسان

مِّنْ قَبْلُ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ فَتَبَيَّنُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا

فرمايو، تنهن ڪري چڱيءَ طرح تحقيقات ڪندا ڪريو. بيشڪ توهان جيڪي ڪجھ ڪريو ٿا، الله ان جي

تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿٩٤﴾ لَا يَسْتَوِي الْقٰعِدُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ

خبر رکندڙ آهي ﴿٩٤﴾ مؤمنن مان بغير عذر جي (جهاد کان گهر ۾) ويهي رهندڙ ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽

غَيْرُ اُولِي الضَّرَرِ وَالْمُجٰهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ

پنهنجين جانين سان جهاد ڪندڙ، (پنهي قسم جا ماڻهو پاڻ ۾) برابر نٿا ٿي سگهن. پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين

وَاَنْفُسِهِمْ ؕ فَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ

سان جهاد ڪندڙن کي الله تعاليٰ (پنهنجن گهرن ۾) ويهي رهندڙن تي درجي جي لحاظ سان فضيلت بخشي آهي

عَلَى الْقٰعِدِيْنَ دَرَجَةً ؕ وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ وَفَضَّلَ اللّٰهُ

۽ الله تعاليٰ هر هڪ سان سهڻو وعدو ڪيو آهي ۽ الله جهاد ڪندڙن کي (پنهنجن گهرن ۾) ويهي رهندڙن تي

الْمُجٰهِدِيْنَ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٩٥﴾ دَرَجٰتٍ مِّنْهُ وَ

اجـر عظـيم جـي لـحـاظ سان وڏي فضيلت عطا ڪئي آهي ﴿٩٥﴾ (ڪين) پنهنجي طرفان درجا ۽

مَغْفِرَةً وَّرَحْمَةً ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٩٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ

مغفرت ۽ رحمت عطا فرمائي آهي ۽ الله مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿٩٦﴾ بيشڪ جن ماڻهن

تَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيْٓ اَنْفُسِهِمْ قَالُوْا فِيْمَ كُنْتُمْ ؕ قَالُوْا كُنَّا

کي فرشتا پاڻ تي ظلم ڪندي ماريندا آهن، تن کي چوندا آهن تہ توهان ڪهڙي حال ۾ هئا ؟ (اهي جواب ۾)

مُسْتَضْعَفِيْنَ فِى الْاَرْضِ ؕ قَالُوْٓا اَلَمْ تَكُنْ اَرْضُ اللّٰهِ وَاسِعَةً

چوندا آهن تہ زمين ۾ هيڻا هئاسون. (فرشتا) چوندا آهن تہ ڇا الله جي زمين ڪشادي نہ هئي جو منجهس هجرت

فَتُهَاجِرُوْا فِيْهَا ؕ فَاُولٰٓئِكَ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَسَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿٩٧﴾

ڪريو ها ؟ پوءِ اهي ئي ماڻهو آهن جن جي جاءِ جهنم آهي ۽ اها موٽڻ جي ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ﴿٩٧﴾

اِلَّا الْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَآءِ وَالْوِلْدَانِ لَا

سواءِ انهن ڪمزور مردن ۽ عورتن ۽ ٻارڙن جي، جيڪي نہ ڪنهن حيلي بهاني (يعني ڊڪ ڊوڙ) جي سگهہ

يَسْتَطِيْعُوْنَ حِيْلَةً وَّلَا يَهْتَدُوْنَ سَبِيْلًا ﴿٩٨﴾ فَاُولٰٓئِكَ عَسَى اللّٰهُ

رکن ٿا ۽ نہ وري (زمين ۾) ڪا واٽ لهن ٿا ﴿٩٨﴾ پوءِ ويجهو آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي معاف فرمائي ڇڏي

اَنْ يَّعْفُوَ عَنْهُمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَفُوًّا غَفُوْرًا ﴿٩٩﴾ وَمَنْ يُّهَاجِرْ فِىْ

۽ الله تعاليٰ معاف ڪندڙ، مغفرت فرمائيندڙ آهي ﴿٩٩﴾ ۽ جيڪو شخص الله جي واٽ ۾ هجرت ڪندو،

سَبِيْلِ اللّٰهِ يَجِدْ فِى الْاَرْضِ مُرٰغَمًا كَثِيْرًا وَّسَعَةً ؕ وَمَنْ

اهو زمين ۾ رهڻ جون گهڻيون جايون ۽ (روزيءَ جي) ڪشادگي لهندو ۽ جيڪو شخص الله تعاليٰ ۽

يَّخْرُجْ مِنْ بَيْتِهٖ مُهَاجِرًا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ يُدْرِكْهُ

سندس رسول (ڪريم ﷺ جن) ڏانھن ھجرت ڪندي پنھنجي گھر کان نڪرندو، پوءِ ڪيس موت اچي

الْمَوْتُ فَقَدْ وَقَعَ اَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٠٠﴾ ع

ويو تہ بيشڪ سندس اجر الله تي واجب ٿي چڪو ۽ الله مغفرت ڪندڙ رحم ڪندڙ آھي ﴿١٠٠﴾

وَاِذَا ضَرَبْتُمْ فِي الْاَرْضِ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَقْصُرُوْا

۽ جڏھن توھان زمين ۾ مسافري ڪريو تہ پوءِ توھان تي ڪو گناھ نہ آھي تہ نماز ۾ قصر ڪريو

مِنَ الصَّلٰوةِ ڰ اِنْ خِفْتُمْ اَنْ يَّفْتِنَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۭ اِنَّ

(يعني سفر ۾ نماز گھٽائي پڙھو.) جيڪڏھن توھان ڊڄو تہ ڪافر توھان کي ايذائيندا. بيشڪ ڪافر

الْكٰفِرِيْنَ كَانُوْا لَكُمْ عَدُوًّا مُّبِيْنًا ﴿١٠١﴾ وَاِذَا كُنْتَ فِيْهِمْ فَاَقَمْتَ

توھان جا پڌرا دشمن آھن ﴿١٠١﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) جڏھن تون (جھاد جي وقت) انھن ۾ ھجين، پوءِ کين

لَهُمُ الصَّلٰوةَ فَلْتَقُمْ طَاۗىِٕفَةٌ مِّنْهُمْ مَّعَكَ وَلْيَاْخُذُوْٓا

نماز پڙھائين تہ انھن مان ھڪڙي ٽولي توسان بيھي نماز پڙھي ۽ کين گھرجي تہ پنھنجا ھٿيار کڻن.

اَسْلِحَتَهُمْ ۣ قف فَاِذَا سَجَدُوْا فَلْيَكُوْنُوْا مِنْ وَّرَاۗىِٕكُمْ ص وَلْتَاْتِ طَاۗىِٕفَةٌ

پوءِ جڏھن اھي سجدو ڪري بيھن تہ گھرجي تہ اھي توھان جي پويان ٿي بيھن ۽ جنھن ٻي ٽوليءَ

اُخْرٰى لَمْ يُصَلُّوْا فَلْيُصَلُّوْا مَعَكَ وَلْيَاْخُذُوْا حِذْرَهُمْ وَاَسْلِحَتَهُمْ ۚ

نماز نہ پڙھي آھي، اھي اچي توسان گڏجي نماز پڙھن ۽ گھرجي تہ اھي پنھنجو بچاءُ ڪن ۽ پنھنجا ھٿيار ساڻ

وَدَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ تَغْفُلُوْنَ عَنْ اَسْلِحَتِكُمْ وَاَمْتِعَتِكُمْ

کڻن. ڪافر گھرن ٿا تہ جيڪر توھان پنھنجن ھٿيارن ۽ پنھنجي سامان کان غافل ٿيو تہ توھان تي ھڪ ئي ڀيري

فَيَمِيْلُوْنَ عَلَيْكُمْ مَّيْلَةً وَّاحِدَةً ۗ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ كَانَ

تنهن تي پون ۽ جيڪڏهن توهان کي برسات جي ڪري ڪا تڪليف پهچي، يا توهان بيمار هجو ته پوءِ

بِكُمْ اَذًى مِّنْ مَّطَرٍ اَوْ كُنْتُمْ مَّرْضٰۤى اَنْ تَضَعُوْۤا اَسْلِحَتَكُمْ ۚ

توهان تي ڪو گناهه نه آهي ته پنهنجا هٿيار لاهي رکو ۽ پنهنجي بچاءَ جو سامان پاڻ سان

وَخُذُوْا حِذْرَكُمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿١٠٢﴾ فَاِذَا

ساڻ کڻو. بيشڪ الله تعاليٰ ڪافرن جي لاءِ خوار، خراب ڪندڙ عذاب تيار ڪري ڇڏيو آهي ﴿١٠٢﴾ پوءِ جڏهن نماز پوري

قَضَيْتُمُ الصَّلٰوةَ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِكُمْ ۚ فَاِذَا

ڪري بيهو ته بيٺل حالت ۾ ۽ ويٺل حالت ۾ ۽ پنهنجن پاسن ڀر الله کي ياد ڪريو. پوءِ جڏهن توهان کي (جنگ جي خوف

اطْمَاْنَنْتُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ۚ اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ

کان) اطمينان نصيب ٿئي ته پوءِ (عام اصول مطابق) نماز پڙهو. بيشڪ نماز مؤمنن تي مقرر ڪيل وقتن ۾

كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا ﴿١٠٣﴾ وَلَا تَهِنُوْا فِى ابْتِغَآءِ الْقَوْمِ ۗ اِنْ تَكُوْنُوْا تَاْلَمُوْنَ

فرض آهي ﴿١٠٣﴾ ۽ دشمن قوم جو پيڇو ڪرڻ ۾ سستي نه ڪريو. جيڪڏهن توهان ڏک ۽ غم ڏٺو آهي ته اهي (ڪافر)

فَاِنَّهُمْ يَاْلَمُوْنَ كَمَا تَاْلَمُوْنَ ۚ وَتَرْجُوْنَ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا يَرْجُوْنَ ۗ

به توهان وانگر ڏک ۽ غم ڏسي چڪا آهن ۽ توهان الله تعاليٰ ۾ اها اميد رکو ٿا، جيڪا اميد اهي (ڪافر) نٿا رکن ۽

وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١٠٤﴾ ع اِنَّاۤ اَنْزَلْنَاۤ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ ع ١٥ ١٢

الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ﴿١٠٤﴾ (اي محمد ﷺ!) بيشڪ اسان توڏانهن سچو ڪتاب (يعني قرآن مجيد) لاٿو آهي ته

لِتَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ بِمَاۤ اَرٰىكَ اللّٰهُ ۗ وَلَا تَكُنْ لِّلْخَآئِنِيْنَ خَصِيْمًا ﴿١٠٥﴾ لا

جيئن الله جي ڏيکاريل فرمان مطابق ماڻهن جا فيصلا ڪرين ۽ خيانت ڪندڙن طرفان جهڳڙو ڪندڙ نه ٿيءُ ﴿١٠٥﴾

وَّ اسْتَغْفِرِ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۚ﴿۱۰۶﴾ وَلَا تُجَادِلْ عَنِ

۽ الله کان بخشش گهر. بيشڪ الله بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ﴿۱۰۶﴾ ۽ (اي مُحَمَّدﷺ!) جيڪي ماڻهو پنهنجن نفسن

الَّذِيْنَ يَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ خَوَّانًا اَثِيْمًا ۙ﴿۱۰۷﴾

سان خيانت ڪن ٿا، تن جي طرفان جهيڙو نہ ڪر، بيشڪ الله ڪنهن خيانت ڪندڙ، گنهگار کي دوست نٿو رکي ﴿۱۰۷﴾

يَّسْتَخْفُوْنَ مِنَ النَّاسِ وَلَا يَسْتَخْفُوْنَ مِنَ اللّٰهِ وَهُوَ مَعَهُمْ اِذْ

ماڻهن کان لڪائين ٿا ۽ الله کان لڪائي نٿا سگهن ۽ جڏهن رات جي وقت ۾ اهي ڳالهيون ڪندا آهن، جن کان الله

يُبَيِّتُوْنَ مَا لَا يَرْضٰى مِنَ الْقَوْلِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطًا ﴿۱۰۸﴾

راضي نہ آهي، تڏهن بہ (الله) ساڻن گڏ هوندو آهي ۽ جيڪي ڪجھ اهي ڪن ٿا، تنهن کي الله ڄاڻندڙ آهي ﴿۱۰۸﴾

هٰۤاَنْتُمْ هٰۤؤُلَآءِ جٰدَلْتُمْ عَنْهُمْ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۟ قف فَمَنْ

اِهي (منافق ماڻهو) اُهي آهن، جن جي طرفان توهان دنيا جي حياتيءَ ۾ جهيڙو ڪري رهيا آهيو، پوءِ قيامت جي

يُّجَادِلُ اللّٰهَ عَنْهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَمْ مَّنْ يَّكُوْنُ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ﴿۱۰۹﴾

ڏينهن انهن جي طرفان الله سان ڪير جهيڙو ڪندو؟ يا ڪير آهي، جيڪو سندن ڪارساز (۽ پرجهلو) ٿيندو؟ ﴿۱۰۹﴾

وَمَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا اَوْ يَظْلِمْ نَفْسَهٗ ثُمَّ يَسْتَغْفِرِ اللّٰهَ يَجِدِ اللّٰهَ

۽ جيڪو شخص بڇڙو ڪم ڪندو، يا پاڻ تي ظلم ڪندو، پوءِ الله کان بخشش گهرندو تہ الله کي مغفرت ڪرڻ وارو،

غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۱۰﴾ وَمَنْ يَّكْسِبْ اِثْمًا فَاِنَّمَا يَكْسِبُهٗ عَلٰى نَفْسِهٖ ؕ وَ

رحم ڪرڻ وارو لهندو ﴿۱۱۰﴾ ۽ جيڪو شخص گناه ڪمائيندو، اهو پنهنجي لاءِ گناه ڪمائيندو ۽ الله تعاليٰ

كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۱۱۱﴾ وَمَنْ يَّكْسِبْ خَطِيْٓئَةً اَوْ اِثْمًا ثُمَّ

علم وارو، حڪمت وارو آهي ﴿۱۱۱﴾ ۽ جيڪو شخص ڪا خطا يا ڪو گناه ڪري ٿو، پوءِ ان جي تهمت

يَرْمِ بِهٖ بَرِيْٓـًٔا فَقَدِ احْتَمَلَ بُهْتَانًا وَّ اِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿١١٢﴾ ع وَلَوْ لَا

ڪنهن بيگناه تي هڻي تو ته بيشڪ انهيءَ بهتان (مڙهيو) ۽ پڌرو گناه ڪنيو ﴿١١٢﴾ ۽ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) جيڪڏهن

فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ وَ رَحْمَتُهٗ لَهَمَّتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْهُمْ اَنْ

توتي الله جو فضل ۽ سندس ٻاجهه نه هجي ها ته البت انهن مان هڪڙي ٽوليءَ توکي (فيصلي جي) غلطي ۾

يُّضِلُّوْكَ ؕ وَمَا يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَضُرُّوْنَكَ مِنْ شَيْءٍ ؕ

وجهڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي هئي ۽ اهي پاڻ کان سواءِ ڪنهن کي نٿا ڀلائين ۽ توکي ڪوبه نقصان نٿا

وَاَنْزَلَ اللّٰهُ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَعَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ

پهچائي سگهن (بلڪ نقصان حق جي دشمنن جو پنهنجو ٿيندو) ۽ الله توتي ڪتاب ۽ دانائي لاٿي ۽ جيڪي ڪجهه تون نه

تَعْلَمُ ؕ وَكَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ﴿١١٣﴾ لَا خَيْرَ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنْ

چاڻندو هئين، سو توکي سيکاريائين ۽ توتي الله جو وڏو فضل آهي ﴿١١٣﴾ ۽ سندن گهڻين ڳجهين سرگوشين ۾ ڀلائي نه آهي،

نَّجْوٰىهُمْ اِلَّا مَنْ اَمَرَ بِصَدَقَةٍ اَوْ مَعْرُوْفٍ اَوْ اِصْلَاحٍۢ بَيْنَ

ڪا ڀلائي نه آهي، سواءِ ان شخص جي، جيڪو صدقي ڏيڻ، يا نيڪي ڪرڻ، يا ماڻهن جي اصلاح جو حڪم ڪري ۽

النَّاسِ ؕ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ

جيڪو الله جي رضا لاءِ ائين ڪندو (يعني صدقو ۽ قرض ڏيندو ۽ سڌاري جا ڪم ڪندو) ته سگهوئي کيس وڏو

اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١١٤﴾ وَمَنْ يُّشَاقِقِ الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُ

اجر ڏينداسون ﴿١١٤﴾ ۽ جيڪو شخص پاڻ تي سڌي واٽ جي روشن ٿيڻ کان پوءِ به الله جي رسول (ڪريم ﷺ) جي مخالفت

الْهُدٰى وَيَتَّبِعْ غَيْرَ سَبِيْلِ الْمُؤْمِنِيْنَ نُوَلِّهٖ مَا تَوَلّٰى وَنُصْلِهٖ جَهَنَّمَ ؕ

ڪندو ۽ مؤمنن جي واٽ کان سواءِ ٻي واٽ وٺندو، تنهن کي ان طرف ڦيرائينداسون، جنهن طرف پاڻ هلندو ۽ کيس دوزخ

وَسَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿١١٥﴾ ع اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ع ١٧

۽ پهچائيندا سون ۽ دوزخ موٽڻ جي هڪ ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ﴿١١٥﴾ بيشڪ الله تعاليٰ معاف نٿو ڪري

ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًۢا بَعِيْدًا ﴿١١٦﴾

ته ان سان گڏ ڪنهن کي شريڪ ڪيو وڃي ۽ ان کان سواءِ (بيو گناهه) جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي معاف ڪندو آهي ۽
جيڪو الله سان (ڪنهن کي) شريڪ ڪندو ته پوءِ اهو بيشڪ ڏورانهين گمراهيءَ ۾ وڃي پيو ﴿١١٦﴾ (مشرڪ) الله کان سواءِ رڳو ڪن

اِنْ يَّدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖۤ اِلَّآ اِنٰثًا ۚ وَاِنْ يَّدْعُوْنَ اِلَّا شَيْطٰنًا مَّرِيْدًا ﴿١١٧﴾ ۙ

زناني شين (يعني عورتن جي نالن تي نهيل بتن) کي پڪارين ٿا ۽ رڳو سرڪش ۽ مردود شيطان کي سڏين ٿا ﴿١١٧﴾

لَّعَنَهُ اللّٰهُ ۘ وَقَالَ لَاَتَّخِذَنَّ مِنْ عِبَادِكَ نَصِيْبًا مَّفْرُوْضًا ﴿١١٨﴾ ۙ وقف لازم

۽ متس الله لعنت ڪئي آهي ۽ شيطان چيو ته آءٌ ضرور تنهنجن ٻانهن مان هڪ مقرر حصو وٺندس ﴿١١٨﴾

وَّلَاُضِلَّنَّهُمْ وَلَاُمَنِّيَنَّهُمْ وَلَاٰمُرَنَّهُمْ فَلَيُبَتِّكُنَّ اٰذَانَ الْاَنْعَامِ

۽ ضرور کين گمراهه ڪندس ۽ ضرور کين سڌون ڏياريندس ۽ ضرور کين حڪم ڪندس، پوءِ ضرور اهي جانورن جا

وَلَاٰمُرَنَّهُمْ فَلَيُغَيِّرُنَّ خَلْقَ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يَّتَّخِذِ الشَّيْطٰنَ وَلِيًّا

ڪَنَ چيريندا (جنهن کي بحيره چون ٿا) ۽ ضرور کين حڪم ڪندس، پوءِ ضرور (خدا جي دين ۽) خدا جي مخلوق

مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَقَدْ خَسِرَ خُسْرَانًا مُّبِيْنًا ﴿١١٩﴾ ؕ يَعِدُهُمْ

(جي صورتن ۽ نفعي وارين شين) کي مَٽائيندا ۽ جيڪو شخص الله کي ڇڏي شيطان کي پنهنجو دوست

وَيُمَنِّيْهِمْ ؕ وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطٰنُ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿١٢٠﴾ اُولٰٓئِكَ مَاْوٰىهُمْ

بڻائيندو ته پوءِ تحقيق انهيءَ پنهنجو ئي نقصان ڪيو، پڌرو نقصان ڪرڻ ﴿١١٩﴾ (شيطان) انهن سان وعدا ڪري ٿو، (يعني ڪين ڏٽا
ڏئي ٿو،) ۽ انهن کي دلاسا ڏيندو رهي ٿو ۽ شيطان کين رڳو ڪوڙا وعدا ڏئي ٿو ﴿١٢٠﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن جو ماڳ

جَهَنَّمُ ۟ وَلَا يَجِدُوْنَ عَنْهَا مَحِيْصًا ﴿١٢١﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

جهنم آهي ۽ اهي ان کان ڀڄڻ (۽ بچڻ) جي ڪا جاءِ نه لهندا ﴿١٢١﴾ ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، تن

الصّٰلِحٰتِ سَنُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ

ڪي سگهوئي جنتن ۾ داخل ڪنداسون، جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. منجهن سدائين رهڻ وارا آهن.

فِيْهَآ اَبَدًا ؕ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ؕ وَمَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ قِيْلًا ﴿١٢٢﴾

(اهو ٿي) الله تعاليٰ جو وعدو آهي، سچو (۽ حقيقي وعدو) ۽ الله کان وڌيڪ سچ ڳالهائيندڙ ڪير آهي؟ ﴿١٢٢﴾

لَيْسَ بِاَمَانِيِّكُمْ وَلَآ اَمَانِيِّ اَهْلِ الْكِتٰبِ ؕ مَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا

اي مسلمانو! (ڪاميابي) نه توهان جي تمنائن مطابق آهي ۽ نه ڪتاب وارن جي تمنائن مطابق. جيڪو به برائي

يُّجْزَ بِهٖ ۙ وَلَا يَجِدْ لَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿١٢٣﴾ وَمَنْ

ڪندو، ڪيس ان جو بدلو ڏنو ويندو ۽ اهو الله کان سواءِ پنهنجي لاءِ ڪنهن کي دوست ۽ مددگار نه لهندو ﴿١٢٣﴾ ۽ مرد ۽

يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ مِنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ

عورت مان جيڪو به چڱا ڪم ڪندو ۽ اهو مؤمن به هوندو ته پوءِ اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي جنت ۾ داخل ٿيندا ۽

يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ وَلَا يُظْلَمُوْنَ نَقِيْرًا ﴿١٢٤﴾ وَمَنْ اَحْسَنُ دِيْنًا مِّمَّنْ

مٿن ذري برابر به ظلم نه ڪيو ويندو ﴿١٢٤﴾ دين ۾ ان کان وڌيڪ چڱو ڪير آهي، جيڪو پاڻ کي الله جي حوالي

اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ وَّاتَّبَعَ مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ

ڪري ۽ اهو نيڪي ڪندڙ به هجي ۽ (باطل کان حق ڏانهن متوجه ٿي) مخلص ٿي، ابراهيم (عليه السلام) جي ملت جي

وَاتَّخَذَ اللّٰهُ اِبْرٰهِيْمَ خَلِيْلًا ﴿١٢٥﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ

پيروي ڪري ۽ الله ابراهيم (عليه السلام) کي پنهنجو دوست بڻايو ﴿١٢٥﴾ ۽ جيڪي ڪجھ آسمانن ۾ ۽ جيڪي ڪجھ زمين ۾

وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطًا ﴿١٢٦﴾ ع وَيَسْتَفْتُوْنَكَ فِي النِّسَآءِ ؕ قُلِ ١٨ ع ١٥

آهي، سڀ الله جو آهي ۽ الله هر شيءِ کي گهيري ۾ رکندڙ آهي ﴿١٢٦﴾ ۽ توکان عورتن جي باري ۾ فتويٰ پڇن ٿا.

اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِيْهِنَّ ۙ وَمَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فِى الْكِتٰبِ فِىْ يَتٰمَى

(اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ الله تعاليٰ توهان کي فتويٰ ڏي ٿو، سندن باري ۾ ۽ انهن يتيم عورتن جي باري ۾ بہ

النِّسَآءِ الّٰتِىْ لَا تُؤْتُوْنَهُنَّ مَا كُتِبَ لَهُنَّ وَتَرْغَبُوْنَ اَنْ

جن جو (بيان) ڪتاب الله ۾ توهان تي پڙهيو وڃي ٿو، جن کي توهان اها (ميراث) نٿا ڏيو، جيڪا سندن

تَنْكِحُوْهُنَّ وَالْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الْوِلْدَانِ ۙ وَاَنْ تَقُوْمُوْا لِلْيَتٰمٰى

لاءِ لکي وئي آهي ۽ رغبت رکو ٿا تہ ساڻن نڪاح ڪريو ۽ ضعيف ٻارن (جي باري ۾ بہ توهان کي فتويٰ ڏي ٿو) ۽

بِالْقِسْطِ ۗ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِهٖ عَلِيْمًا ﴿١٢٧﴾

هيءُ تہ يتيمن سان عدل ۽ انصاف سان هلو ۽ توهان جيڪا بہ نيڪي ڪندا، بيشڪ الله ان کي ڄاڻڻ وارو آهي ﴿١٢٧﴾

وَاِنِ امْرَاَةٌ خَافَتْ مِنْۢ بَعْلِهَا نُشُوْزًا اَوْ اِعْرَاضًا فَلَا جُنَاحَ

۽ جيڪڏهن ڪا زال پنهنجي مڙس جي لاپرواهيءَ، يا منهن موڙڻ کان ڊڄي، پوءِ ٻنهي پاڻ ۾ ڪنهن صلاح (۽ ٺاهہ

عَلَيْهِمَآ اَنْ يُّصْلِحَا بَيْنَهُمَا صُلْحًا ۗ وَالصُّلْحُ خَيْرٌ ۗ وَاُحْضِرَتِ

ڪيل ڳالهہ) تي صلح ڪن تہ انهن ٻنهي تي گناهہ نہ آهي ۽ صلح ڪرڻ چڱي ڳالهہ آهي ۽ نفسن ۾ بخيلي رکي

الْاَنْفُسُ الشُّحَّ ۗ وَاِنْ تُحْسِنُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا

وئي آهي ۽ جيڪڏهن توهان نيڪي ڪندا ۽ (ظلم ۽ زيادتيءَ کان) پرهيز ڪندا تہ پوءِ بيشڪ جيڪي ڪجهہ توهان

تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿١٢٨﴾ وَلَنْ تَسْتَطِيْعُوْٓا اَنْ تَعْدِلُوْا بَيْنَ النِّسَآءِ وَلَوْ

ڪريو ٿا، الله ان کان باخبر آهي ﴿١٢٨﴾ ۽ توهان (محبت جي ڪري) زالن ۾ هرگز برابري ڪري نہ سگهندا ۽ جيتوڻيڪ

حَرَصْتُمْ فَلَا تَمِيْلُوْا كُلَّ الْمَيْلِ فَتَذَرُوْهَا كَالْمُعَلَّقَةِ ۗ وَاِنْ تُصْلِحُوْا

ڪيترو بہ حرص ڪريو، پوءِ (خرچ ۽ لباس ۽ پنهنجي پياري زال لاءِ واريءَ جي مقرر ڪرڻ ۾) مڪمل لاڙو نہ ڪريو، جو

وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٢٩﴾ وَاِنْ يَّتَفَرَّقَا يُغْنِ اللّٰهُ

بين کي ٽنگيل شيءِ وانگر ڇڏي ڏيو ۽ جيڪڏهن پاڻ ۾ صلح ڪندا ۽ (ظلم کان) بچندا تہ پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ

كُلًّا مِّنْ سَعَتِهٖ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ وَاسِعًا حَكِيْمًا ﴿١٣٠﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِي

مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿١٢٩﴾ ۽ جيڪڏهن ٻئي (زال مڙس) هڪ ٻئي کان جدا ٿيندا تہ الله هر هڪ کي پنهنجي
ڪشادگيءَ سان غني ڪندو ۽ الله ڪشادي (بخشش وارو ۽ عطا ڪرڻ ۾ وڏي) حڪمت وارو آهي ﴿١٣٠﴾ ۽ جيڪي ڪجهہ آسمانن ۾ ۽

السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَلَقَدْ وَصَّيْنَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ

جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي، سو سڀ الله جو آهي ۽ بيشڪ اسان وصيت ڪئي انهن کي، جن کي توهان کان اڳ

قَبْلِكُمْ وَاِيَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَاِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي

ڪتاب ڏنو ويو ۽ خاص توهان کي بہ تہ الله کان ڊڄو ۽ جيڪڏهن توهان ڪفر ڪندا تہ پوءِ بيشڪ جيڪي ڪجهہ آسمانن

السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَنِيًّا حَمِيْدًا ﴿١٣١﴾ وَلِلّٰهِ مَا

۾ ۽ جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي، (سڀ) الله جو آهي ۽ الله بي نياز (بادشاهہ)، ساراهيل آهي ﴿١٣١﴾ ۽ جيڪي ڪجهہ

فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿١٣٢﴾ اِنْ يَّشَاْ

آسمانن ۾ ۽ جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي، (سڀ) الله جو آهي ۽ الله ڪارساز ڪافي آهي ﴿١٣٢﴾ اي انسانو! جيڪڏهن

يُذْهِبْكُمْ اَيُّهَا النَّاسُ وَيَاْتِ بِاٰخَرِيْنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى ذٰلِكَ

الله تعاليٰ گهري تہ توهان کي هلاڪ ڪري ۽ (توهان جي جاءِ تي) ٻين کي آڻي ۽ الله تعاليٰ ان (ڪم)

قَدِيْرًا ﴿١٣٣﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ ثَوَابَ الدُّنْيَا فَعِنْدَ اللّٰهِ ثَوَابُ الدُّنْيَا

تي قدرت رکندڙ آهي ﴿١٣٣﴾ جيڪو شخص دنيا جو ثواب گهرندو تہ پوءِ الله وٽ ئي دنيا ۽ آخرت جو ثواب

ع ١٩ ٨ ١٢ وَالْاٰخِرَةِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًا بَصِيْرًا ﴿١٣٤﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا

آهي ۽ الله تعاليٰ ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي ﴿١٣٤﴾ اي ايمان وارو! الله واسطي انصاف سان شاهدي

قَوّٰمِيْنَ بِالْقِسْطِ شُهَدَآءَ لِلّٰهِ وَلَوْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ اَوِ الْوَالِدَيْنِ وَ

ڏيندڙ ٿي بيهو، جيتوڻيڪ (اها شاهدي) توهان جي پنهنجي، يا توهان جي ماءُ پيءُ، يا توهان جي ويجهن مٽن

الْاَقْرَبِيْنَ ۚ اِنْ يَّكُنْ غَنِيًّا اَوْ فَقِيْرًا فَاللّٰهُ اَوْلٰى بِهِمَا ۫ قف فَلَا تَتَّبِعُوا

مائٽن جي خلاف هجي (۽ جنهن جي خلاف شاهدي هجي)، جيڪڏهن اهو مالدار يا محتاج هوندو ته پوءِ الله انهن

الْهَوٰٓى اَنْ تَعْدِلُوْا ۚ وَاِنْ تَلْوٗٓا اَوْ تُعْرِضُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

ٻنهي تي وڌيڪ مهربان آهي، تنهن ڪري خواهشن جي پيروي نه ڪريو جو ناانصافي ڪريو ۽ جيڪڏهن شاهديءَ

خَبِيْرًا ﴿۱۳۵﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَالْكِتٰبِ الَّذِيْ

۾ زبان وچڙائي ڳالهائيندا يا منهن موڙيندا ته پوءِ بيشڪ جو ڪجهه توهان ڪريو ٿا، الله ان جي خبر رکندڙ آهي ﴿۱۳۵﴾ اي ايمان وارو!
ايمان آڻيو الله ۽ سندس رسول (ڪريم ﷺ) ۽ ڪتاب تي، جيڪو انهيءَ پنهنجي پيغمبر تي نازل ڪيو ۽ انهن ڪتابن تي به

نَزَّلَ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَالْكِتٰبِ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنْ قَبْلُ ۭ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِاللّٰهِ

(ايمان آڻيو) جيڪي ان کان اڳ نازل ڪيائين ۽ جيڪو شخص الله ۽ سندس فرشتن ۽ سندس ڪتابن ۽ سندس

وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًۢا بَعِيْدًا ﴿۱۳۶﴾

رسولن ۽ آخرت جي ڏينهن جو انڪار ڪندو، ته پوءِ بيشڪ اهو (حقّ کان) ڏورانهين گمراهيءَ ۾ وڃي پيو ﴿۱۳۶﴾

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ ازْدَادُوْا كُفْرًا لَّمْ

بيشڪ جن ماڻهن (موسيٰ عليه السلام تي) ايمان آندو، پوءِ (عيسيٰ عليه السلام جو) ڪفر ڪيائون، پوءِ (حضرت محمد ﷺ

يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَلَا لِيَهْدِيَهُمْ سَبِيْلًا ﴿۱۳۷﴾ ۭ بَشِّرِ الْمُنٰفِقِيْنَ

جن جي صفتن ۽ نبوّت) کي مڃيائون، پوءِ (وري حضرت محمد ﷺ جن جي نبوّت) جو ڪفر ڪيائون، پوءِ ڪفر ۾ وڌندا
ٿي ويا، انهن کي الله تعاليٰ نه بخشيندو ۽ نڪي انهن کي سڌي واٽ ڏيکاريندو ﴿۱۳۷﴾ منافقن کي خوشخبري ڏي ته

بِاَنَّ لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمَۨا ﴿۱۳۸﴾ ۙ الَّذِيْنَ يَتَّخِذُوْنَ الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ

انهن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب (تيار) آهي ﴿۱۳۸﴾ (اهي منافق) جيڪي مؤمنن کان سواءِ ڪافرن سان

دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ اَيَبْتَغُوْنَ عِنْدَهُمُ الْعِزَّةَ فَاِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ؕ ﴿١٣٩﴾

دوستي رکن ٿا. ڇا وٽن عزت تلاش ڪري رهيا آهن ؟ پوءِ بيشڪ عزت سموري الله جي لاءِ آهي ﴿١٣٩﴾

وَقَدْ نَزَّلَ عَلَيْكُمْ فِى الْكِتٰبِ اَنْ اِذَا سَمِعْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ يُكْفَرُ بِهَا وَ

۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) بيشڪ توهان تي ڪتاب (يعني قرآن) ۾ نازل ٿيو آهي ته جڏهن توهان الله جي آيتن جو ڪفر

يُسْتَهْزَاُ بِهَا فَلَا تَقْعُدُوْا مَعَهُمْ حَتّٰى يَخُوْضُوْا فِىْ حَدِيْثٍ غَيْرِهٖۤ ۖ اِنَّكُمْ

ٿيندي ٻڌو ۽ انهن سان مسخري ٿيندي ڏسو ته اهڙن (ماڻهن) سان گڏ نه ويهو تانجو ڪا ٻي ڳالهه شروع ڪن. بيشڪ

اِذًا مِّثْلُهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ جَامِعُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْكٰفِرِيْنَ فِىْ جَهَنَّمَ جَمِيْعًا ۙ ﴿١٤٠﴾

ان وقت توهان انهن وانگر ٿي پوندا. بيشڪ الله منافقن ۽ ڪافرن سڀني کي دوزخ ۾ گڏ ڪرڻ وارو آهي ﴿١٤٠﴾

الَّذِيْنَ يَتَرَبَّصُوْنَ بِكُمْ ۚ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ فَتْحٌ مِّنَ اللّٰهِ قَالُوْۤا اَلَمْ

(اهي منافق) جيڪي توهان جي باري ۾ انتظار ڪن ٿا، پوءِ جيڪڏهن الله جي طرفان توهان کي فتح نصيب

نَكُنْ مَّعَكُمْ ۖ وَاِنْ كَانَ لِلْكٰفِرِيْنَ نَصِيْبٌ ۙ قَالُوْۤا اَلَمْ نَسْتَحْوِذْ عَلَيْكُمْ وَ

ٿئي ٿي، چون ٿا ته ڇا اسان توهان سان گڏ نه هئاسون ۽ جيڪڏهن ڪافرن کي (سوڀ) نصيب ٿئي ٿي، چون ٿا ته

نَمْنَعْكُمْ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَلَنْ يَّجْعَلَ اللّٰهُ

ڇا اسين توهان تي غالب نه هئاسون ۽ توهان کي مؤمنن کان نه بچايوسون ؟ پوءِ الله قيامت جي ڏينهن توهان جي

لِلْكٰفِرِيْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ سَبِيْلًا ﴿١٤١﴾ ع اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَ ع ٢٠ ١٧

وچ ۾ فيصلو فرمائيندو ۽ الله ڪافرن کي مؤمنن تي ڪا واٽ (يعني ڪين ڪا مدد) نه ڏيندو ﴿١٤١﴾ بيشڪ منافق الله کي دوکو

هُوَ خَادِعُهُمْ ۚ وَاِذَا قَامُوْۤا اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰى ۙ يُرَآءُوْنَ

ڏين ٿا ۽ اهو کين دوکو ڏيندڙ آهي ۽ جڏهن اهي نماز لاءِ بيهندا آهن ته سست ٿي بيهندا آهن. ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ نماز

النَّاسَ وَلَا يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۱۴۲﴾ مُّذَبْذَبِيْنَ بَيْنَ

پڙهندا آهن ۽ الله کي رڳو ٿورڙو (يعني نالي ماتر) ياد ڪندا آهن ﴿۱۴۲﴾ (ڪافرن ۽ مسلمانن) ٻنهي جي وچ ۾ شڪ (۾

ذٰلِكَ لَآ اِلٰى هٰٓؤُلَآءِ وَلَآ اِلٰى هٰٓؤُلَآءِ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ

پڌتر) ۾ آهن نه هِن ٽوليءَ ڏانهن آهن ۽ نه هُن ٽوليءَ ڏانهن آهن ۽ جنهن کي الله تعاليٰ گمراهه ڪري، تنهن جي لاءِ

تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ﴿۱۴۳﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْكٰفِرِيْنَ

تون هرگز ڪا به واٽ نه لهندين ﴿۱۴۳﴾ اي ايمان وارو! مؤمنن کي ڇڏي، ڪافرن کي پنهنجو دوست

اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ عَلَيْكُمْ

نه بڻايو. ڇا توهين گهرو ٿا ته توهان پنهنجي خلاف الله تعاليٰ جي لاءِ پڌرو دليل (۽ حجت)

سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿۱۴۴﴾ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِى الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِ

قائم ڪريو؟ ﴿۱۴۴﴾ بيشڪ منافق جهنم جي سڀ کان هيٺئين طبقي (۽ تري) ۾ آهن ۽ تون سندن لاءِ

وَلَنْ تَجِدَ لَهُمْ نَصِيْرًا ﴿۱۴۵﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا وَاَصْلَحُوْا وَ

هرگز ڪنهن کي به مددگار نه لهندين ﴿۱۴۵﴾ سواءِ انهن ماڻهن جي جن توبه ڪئي ۽ پنهنجي اصلاح ڪيائون ۽

اعْتَصَمُوْا بِاللّٰهِ وَاَخْلَصُوْا دِيْنَهُمْ لِلّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ

الله جي دين کي مضبوطيءَ سان ڇنبڙي پيا ۽ پنهنجي دين کي الله لاءِ خالص ڪيائون ته پوءِ اهي ماڻهو

وَسَوْفَ يُؤْتِ اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۱۴۶﴾ مَا يَفْعَلُ اللّٰهُ

مؤمنن سان گڏ آهن ۽ الله تعاليٰ مؤمنن کي سگهوئي وڏو اجر ڏيندو ﴿۱۴۶﴾ جيڪڏهن (پاڻ تي الله جي نعمتن

بِعَذَابِكُمْ اِنْ شَكَرْتُمْ وَاٰمَنْتُمْ وَكَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيْمًا ﴿۱۴۷﴾

جو) شڪر ڪندو ۽ ايمان آڻيندو ته الله توهان کي ڇو عذاب ڏيندو ۽ الله شڪر (۽ نيڪي) قبول ڪندڙ (۽) ڄاڻندڙ آهي ﴿۱۴۷﴾

لَا يُحِبُّ اللّٰهُ الْجَهْرَ بِالسُّوْٓءِ مِنَ الْقَوْلِ اِلَّا مَنْ ظُلِمَ ؕ وَكَانَ

الله تعاليٰ ڏاڍيان خراب ڳالهائڻ کي پسند نٿو ڪري، مگر جنهن تي ظلم ڪيو ويو هجي ته

اللّٰهُ سَمِيْعًا عَلِيْمًا ﴿١٤٨﴾ اِنْ تُبْدُوْا خَيْرًا اَوْ تُخْفُوْهُ اَوْ تَعْفُوْا عَنْ سُوْٓءٍ

الله ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿١٤٨﴾ جيڪڏهن نيڪي ظاهر ڪندا يا اها لڪائي ڪندا، يا برائي کي بخشيندا ته پوءِ

فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا قَدِيْرًا ﴿١٤٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَ

بيشڪ الله تعاليٰ معاف ڪندڙ، قدرت رکندڙ آهي ﴿١٤٩﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسولن

رُسُلِهٖ وَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّفَرِّقُوْا بَيْنَ اللّٰهِ وَرُسُلِهٖ وَ يَقُوْلُوْنَ نُؤْمِنُ

جو ڪفر ڪن ٿا ۽ چاهين ٿا ته الله ۽ سندس رسولن (عليهم السلام) ۾ فرق ڪن ۽ چون ٿا ته اسين بعض

بِبَعْضٍ وَّ نَكْفُرُ بِبَعْضٍ ۙ وَّ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّتَّخِذُوْا بَيْنَ ذٰلِكَ

تي ايمان آڻيون ٿا ۽ بعض جو انڪار ڪريون ٿا ۽ انهن جي وچ ۾ ڪا ٻي واٽ وٺڻ گهرن

سَبِيْلًا ﴿١٥٠﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ حَقًّا ۚ وَاَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا

ٿا ﴿١٥٠﴾ اهي ئي ماڻهو حقيقي (۽ ڪَـٽا) ڪافر آهن ۽ اسان ڪافرن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب تيار ڪيو

مُّهِيْنًا ﴿١٥١﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ وَلَمْ يُفَرِّقُوْا بَيْنَ اَحَدٍ

آهي ﴿١٥١﴾ ۽ جن ماڻهن الله ۽ سندس رسولن تي ايمان آندو ۽ انهن مان ڪنهن هڪ ۾ به فرق نه ڪيائون، اهي ئي

مِّنْهُمْ اُولٰٓئِكَ سَوْفَ يُؤْتِيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٥٢﴾ ع

ماڻهو آهن، جن کي (الله) سگهوئي سندن اجر ڏيندو ۽ الله مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿١٥٢﴾

يَسْئَلُكَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَنْ تُنَزِّلَ عَلَيْهِمْ كِتٰبًا مِّنَ السَّمَآءِ فَقَدْ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) ڪتاب (يعني توريت) وارا توکان مطالبو ڪري رهيا آهن ته مٿن آسمان تان (لکيو لکايو) هڪ ڪتاب نازل

سَاَلُوْا مُوْسٰٓى اَكْبَرَ مِنْ ذٰلِكَ فَقَالُوْٓا اَرِنَا اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْهُمُ

ڪر. پوءِ بيشڪ انهن موسيٰ کان ان کان به وڏو مطالبو ڪيو. پوءِ (موسيٰ عليه السلام کي) چيائون ته اسان کي ظاهر الله

الصّٰعِقَةُ بِظُلْمِهِمْ ۚ ثُمَّ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ مِنْ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ

جو ديدار ڪراءِ. پوءِ سندن ظلم جي ڪري کين ڪڙڪي پڪڙيو. ان کان بعد پاڻ وٽ پڌريون نشانيون اچڻ کان پوءِ به

الْبَيِّنٰتُ فَعَفَوْنَا عَنْ ذٰلِكَ ۚ وَاٰتَيْنَا مُوْسٰى سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿١٥٣﴾

گابي کي معبود ڪري ورتائون. پوءِ کين اهو (گناهه به) معاف ڪيوسون ۽ موسيٰ (عليه السلام) کي پڌرو دليل ڏنوسون ﴿١٥٣﴾

وَرَفَعْنَا فَوْقَهُمُ الطُّوْرَ بِمِيْثَاقِهِمْ وَ قُلْنَا لَهُمُ ادْخُلُوا الْبَابَ

۽ انهن کان عهد وٺڻ لاءِ انهن جي مٿان جبل طور کي کڙو ڪيوسون ۽ کين چيوسون ته (ڳوٺ ۾) دروازي کان

سُجَّدًا وَّ قُلْنَا لَهُمْ لَا تَعْدُوْا فِى السَّبْتِ وَ اَخَذْنَا مِنْهُمْ

سجدي جي حالت ۾ داخل ٿيو ۽ کين چيوسون ته ڇنڇر جي ڏينهن (شڪار ڪرڻ ۾) حد کان نه لنگهو ۽ انهن کان

مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ﴿١٥٤﴾ فَبِمَا نَقْضِهِمْ مِّيْثَاقَهُمْ وَ كُفْرِهِمْ بِاٰيٰتِ

مضبوط عهد ورتوسون ﴿١٥٤﴾ پوءِ سندن عهد ٽوڙڻ ۽ الله جي آيتن جو ڪفر ڪرڻ ۽ سندن نبين کي ناحق قتل

اللّٰهِ وَقَتْلِهِمُ الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ وَّقَوْلِهِمْ قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ؕ بَلْ

ڪرڻ ۽ سندن هن قول جي ڪري ته اسان جي دلين تي پردا آهن، بلڪ سندن ڪفر جي

طَبَعَ اللّٰهُ عَلَيْهَا بِكُفْرِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٥٥﴾ وَّ

ڪري الله تعاليٰ انهن تي مهر هنئي، پوءِ ايمان نٿا آڻين سواءِ ٿورن (ماڻهن) جي ﴿١٥٥﴾ ۽ سندن

بِكُفْرِهِمْ وَ قَوْلِهِمْ عَلٰى مَرْيَمَ بُهْتَانًا عَظِيْمًا ﴿١٥٦﴾ وَّ قَوْلِهِمْ

ڪفر ۽ مريم (عليها السلام) تي سندن وڏي بهتان مڙهڻ جي ڪري ﴿١٥٦﴾ ۽ سندن هن قول جي

اِنَّا قَتَلْنَا الْمَسِيْحَ عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ رَسُوْلَ اللّٰهِ ۚ وَمَا

ڪري ته بيشڪ اسان الله جي پيغمبر مسيح عيسيٰ پٽ مريم (عليهما السلام) کي قتل ڪيو ۽ نه ان کي قتل ڪيو اٿن، ۽

قَتَلُوْهُ وَمَا صَلَبُوْهُ وَلٰكِنْ شُبِّهَ لَهُمْ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا

نه ٿي ڪيس ڦاهي ڏني اٿن، پر انهن کي شڪ شبهي ۾ وڌو ويو ۽ بيشڪ جيڪي ماڻهو ان ۾ اختلاف ڪن ٿا،

فِيْهِ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ ؕ مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ اِلَّا اتِّبَاعَ الظَّنِّ ۚ

اهي سندس باري ۾ شڪ ۾ مبتلا آهن. رڳو گمان جي پيرويءَ کان سواءِ انهن وٽ ڪو علم نه آهي ۽ يقينًا

وَمَا قَتَلُوْهُ يَقِيْنًا ۙ ﴿۱۵۷﴾ بَلْ رَّفَعَهُ اللّٰهُ اِلَيْهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا

ڪيس قتل نه ڪيو اٿن ﴿۱۵۷﴾ بلڪ الله تعاليٰ ان کي پاڻ ڏانهن مٿي کڻي ورتو آهي ۽ الله غالب، حڪمت وارو

حَكِيْمًا ﴿۱۵۸﴾ وَاِنْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اِلَّا لَيُؤْمِنَنَّ بِهٖ قَبْلَ مَوْتِهٖ ۚ وَ

آهي ﴿۱۵۸﴾ ۽ ڪتاب وارن مان جيڪو به آهي، سو ضرور سندس موت کان اڳ ان تي (يعني عيسيٰ عليه السلام تي)

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكُوْنُ عَلَيْهِمْ شَهِيْدًا ۚ ﴿۱۵۹﴾ فَبِظُلْمٍ مِّنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا

ايمان آڻيندو ۽ قيامت جي ڏينهن اهو مٿن شاهد ٿيندو ﴿۱۵۹﴾ پوءِ انهن ماڻهن جي ظلم جي ڪري، جيڪي

حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ طَيِّبٰتٍ اُحِلَّتْ لَهُمْ وَبِصَدِّهِمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

يهودي ٿيا، اسان مٿن ڪجهه پاڪ شيون حرام ڪيون، جيڪي سندن لاءِ حلال هيون ۽ الله جي واٽ کان سندن

كَثِيْرًا ۙ ﴿۱۶۰﴾ وَّاَخْذِهِمُ الرِّبٰوا وَقَدْ نُهُوْا عَنْهُ وَاَكْلِهِمْ اَمْوَالَ

روڪڻ جي ڪري ﴿۱۶۰﴾ ۽ سندن وياج جي وٺڻ جي ڪري، حالانڪ کين ان کان روڪيو ويو هو ۽ باطل طريقي سان

النَّاسِ بِالْبَاطِلِ ؕ وَاَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿۱۶۱﴾ لٰكِنِ

ماڻهن جا مال کائڻ جي ڪري ۽ انهن مان جيڪي ڪافر آهن، تن لاءِ اسان ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو آهي ﴿۱۶۱﴾ پر

الرّٰسِخُوْنَ فِي الْعِلْمِ مِنْهُمْ وَالْمُؤْمِنُوْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ

جيڪي ماڻھو انھن مان علم ۾ پڪا، پختا آھن ۽ (پڻ) مؤمن بہ ايمان آڻن ٿا (اي مُحَمَّد ﷺ!) انھيءَ (قرآن) تي

اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ وَالْمُقِيْمِيْنَ الصَّلٰوةَ وَالْمُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ

جيڪو توڏانھن نازل ڪيو ويو ۽ (انھن ڪتابن تي پڻ) جيڪي توکان اڳ نازل ڪيا ويا ۽ قائم ڪندڙ آھن نماز ڪي ۽

وَ الْمُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ اُولٰٓئِكَ سَنُؤْتِيْهِمْ اَجْرًا

ڏيندڙ آھن زڪوٰة ڪي ۽ ايمان آڻيندڙ آھن الله ۽ آخرت جي ڏينھن تي. اھي ئي ماڻھو آھن، جن ڪي اسان وڏو

عَظِيْمًا ﴿١٦٢﴾ؑ اِنَّآ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ كَمَآ اَوْحَيْنَآ اِلٰى نُوْحٍ وَّالنَّبِيّٖنَ مِنْ

اجر ڏينداسون ﴿١٦٢﴾ بيشڪ اسان توڏانھن وحي موڪليو، جيئن وحي موڪليوسون نوح (عليه السلام) ڏانھن ۽ ان کان

بَعْدِهٖ ۚ وَ اَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ وَ

بعد اچڻ وارن نبين ڏانھن ۽ وحي موڪليوسون ابراھيم (عليه السلام) ۽ اسماعيل (عليه السلام) ۽ اسحاق (عليه السلام) ۽ يعقوب

الْاَسْبَاطِ وَعِيْسٰى وَاَيُّوْبَ وَيُوْنُسَ وَ هٰرُوْنَ وَ سُلَيْمٰنَ ۚ

(عليه السلام) ۽ اسباط ۽ ايوب (عليه السلام) ۽ يونس (عليه السلام) ۽ ھارون (عليه السلام) ۽ سليمان (عليه السلام) ڏانھن ۽ دائود (عليه السلام) کي

وَاٰتَيْنَا دَاوٗدَ زَبُوْرًا ﴿١٦٣﴾ۚ وَ رُسُلًا قَدْ قَصَصْنٰهُمْ عَلَيْكَ مِنْ

زبور ڏنوسون ﴿١٦٣﴾ ۽ ڪي رسول آھن، جن جو توتي ھن کان اڳ بيان ڪري چڪا آھيون ۽ ڪي رسول آھن، جن

قَبْلُ وَ رُسُلًا لَّمْ نَقْصُصْهُمْ عَلَيْكَ ؕ وَكَلَّمَ اللّٰهُ مُوْسٰى تَكْلِيْمًا ﴿١٦٤﴾ۚ

جو توتي اسان بيان نہ ڪيو آھي ۽ الله تعاليٰ موسيٰ (عليه السلام) سان (ڪيس ويجھو گھرائي) گفتگو فرمائي ﴿١٦٤﴾

رُسُلًا مُّبَشِّرِيْنَ وَ مُنْذِرِيْنَ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَى اللّٰهِ

(اھي) بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ پيغمبر ھئا، جيئن پيغمبرن (عليھم السلام) جي اچڻ کان پوءِ ماڻھن لاءِ الله

حُجَّةٌۢ بَعْدَ الرُّسُلِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿۱۶۵﴾ لٰكِنِ اللّٰهُ

تي ڪا حجت (باقي) نہ رهي ۽ الله غالب، حڪمت وارو آهي ﴿۱۶۵﴾ پر (اي مُحَمَّد ﷺ!) الله شاهدي ڏئي

يَشْهَدُ بِمَآ اَنْزَلَ اِلَيْكَ اَنْزَلَهٗ بِعِلْمِهٖ ۚ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ يَشْهَدُوْنَ ؕ

ٿو تہ ان جيڪو (ڪتاب) توڏانهن لاٿو آهي، سو پنهنجي علم سان لاٿو آهي ۽ فرشتا بہ شاهدي ڏين ٿا ۽ الله

وَ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿۱۶۶﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ

شاهدي ڏيندڙ ڪافي آهي ﴿۱۶۶﴾ بيشڪ جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ الله جي واٽ کان روڪيائون،

اللّٰهِ قَدْ ضَلُّوْا ضَلٰلًۢا بَعِيْدًا ﴿۱۶۷﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ ظَلَمُوْا

بيشڪ اهي ڏوراهين گمراهيءَ ۾ وڃي پيا ﴿۱۶۷﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو ڪافر ٿيا ۽ انهن ظلم ڪيو،

لَمْ يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَلَا لِيَهْدِيَهُمْ طَرِيْقًا ﴿۱۶۸﴾ لا اِلَّا

تن کي الله نہ بخشيندو ۽ نڪي انهن کي ڪا سڌي واٽ ڏيکاريندو ﴿۱۶۸﴾ مگر دوزخ جي واٽ (وٺائيندو)

طَرِيْقَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ وَ كَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ

جنهن ۾ اهي هميشہ، هميشہ جي لاءِ رهڻ وارا آهن ۽ اها ڳالهہ الله تعاليٰ جي لاءِ آسان

يَسِيْرًا ﴿۱۶۹﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الرَّسُوْلُ بِالْحَقِّ مِنْ رَّبِّكُمْ

آهي ﴿۱۶۹﴾ اي انسانو! بيشڪ توهان وٽ توهان جي ربّ وٽان برحق رسول (ﷺ) اچي چڪو آهي، پوءِ ايمان

فَاٰمِنُوْا خَيْرًا لَّكُمْ ؕ وَ اِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ

آڻيو تہ توهان لاءِ چڱو آهي ۽ جيڪڏهن توهان ڪفر ڪندا تہ پوءِ بيشڪ جيڪي ڪجهہ آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي،

الْاَرْضِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۱۷۰﴾ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا

(سڀ) الله جو آهي ۽ الله علم وارو حڪمت وارو آهي ﴿۱۷۰﴾ اي ڪتاب وارو! پنهنجي دين ۾ حد کان نہ لنگهو ۽ نہ

فِيْ دِيْنِكُمْ وَلَا تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ؕ اِنَّمَا الْمَسِيْحُ عِيْسَى

ٿي سچ کان سواءِ الله تعاليٰ تي (ڪا ٻي ڳالهه) چئو. بيشڪ عيسيٰ پٽ مريم الله جو رسول (عليه السلام)، (سندس

ابْنُ مَرْيَمَ رَسُوْلُ اللّٰهِ وَ كَلِمَتُهٗ ۚ اَلْقٰىهَاۤ اِلٰى مَرْيَمَ وَ رُوْحٌ

ٻانهو) ۽ سندس ڪلمو هو (يعني لفظ ڪُن سان پيدا ٿيل آهي)، جنهن کي انهيءَ مريم ڏانهن وڌو ۽ سندس

مِّنْهُ ز فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ قف وَلَا تَقُوْلُوْا ثَلٰثَةٌ ؕ اِنْتَهُوْا خَيْرًا

(خلقيل) روح آهي. پوءِ الله ۽ سندس رسولن تي ايمان آڻيو ۽ ٽي (خدا) نه چئو، باز اچو ته توهان لاءِ چڱو آهي.

لَّكُمْ ؕ اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ؕ سُبْحٰنَهٗۤ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗ وَلَدٌ م لَهٗ مَا

بيشڪ الله اڪيلو معبود آهي، پاڪ آهي ته سندس لاءِ ڪو اولاد هجي. جيڪي شيون آسمانن ۾ ۽ جيڪي شيون

فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ع ﴿١٧١﴾ لَنْ يَّسْتَنْكِفَ

زمين ۾ آهن، اهي سڀ سندس ئي آهن ۽ الله سار سنڀال لهندڙ ڪافي آهي ﴿١٧١﴾ عيسيٰ (عليه السلام) هرگز الله جي

الْمَسِيْحُ اَنْ يَّكُوْنَ عَبْدًا لِّلّٰهِ وَلَا الْمَلٰٓئِكَةُ الْمُقَرَّبُوْنَ ؕ وَمَنْ

ٻانهي هجڻ کان عار نه ڪندو ۽ نه ئي مقرب فرشتا (الله جي ٻانهپ کان عار ڪن ٿا) ۽ جيڪو به سندس

يَّسْتَنْكِفْ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَ يَسْتَكْبِرْ فَسَيَحْشُرُهُمْ اِلَيْهِ جَمِيْعًا ﴿١٧٢﴾

ٻانهپ کان عار ڪندو ۽ وڏائي ڪندو ته پوءِ (الله تعاليٰ) سگهوئي انهن سڀني کي پاڻ وٽ گڏ ڪندو ﴿١٧٢﴾

فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ وَ

پوءِ باقي رهيا اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، ته انهن کي (الله) سندن اجر ۽ ثواب پورو پورو ڏيندو

يَزِيْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ۚ وَ اَمَّا الَّذِيْنَ اسْتَنْكَفُوْا وَاسْتَكْبَرُوْا

۽ کين پنهنجي فضل مان وڌائي ڏيندو ۽ باقي رهيا اهي ماڻهو، جن (سندس ٻانهپ کان) عار ۽ وڏائي

وقف لازم

منزل ١ ع ٢٣

فَيُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ وَّلَا يَجِدُوْنَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ

ڪئي، تہ انهن کي ڏکوئيندڙ عذاب ڏيندو ۽ اهي پنهنجي لاءِ الله کان سواءِ ڪنهن کي دوست ۽ ڪنهن

وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿۱۷۳﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمْ بُرْهَانٌ مِّنْ

کي مددگار نہ لهندا ﴿۱۷۳﴾ اي انسانو! بيشڪ توهان وٽ توهان جي ربّ وٽان دليل (يعني محمد ڪريم ﷺ) اچي

رَّبِّكُمْ وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ نُوْرًا مُّبِيْنًا ﴿۱۷۴﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ

چڪو آهي ۽ اسان توهان ڏانهن پڌرو نور (يعني قرآن) لاٿو آهي ﴿۱۷۴﴾ پوءِ باقي رهيا اهي ماڻهو، جن الله تي

وَاعْتَصَمُوْا بِهٖ فَسَيُدْخِلُهُمْ فِيْ رَحْمَةٍ مِّنْهُ وَفَضْلٍ ۙ وَّيَهْدِيْهِمْ

ايمان آندو ۽ ان (جي دين) کي مضبوطيءَ سان ورتائون تہ سگهوئي (الله) ڪين پنهنجي رحمت ۽ فضل ۾ داخل

اِلَيْهِ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿۱۷۵﴾ يَسْتَفْتُوْنَكَ ۭ قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِي

فرمائيندو ۽ ڪين پاڻ ڏانهن سڌي واٽ وٺائيندو ﴿۱۷۵﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) توکان فتويٰ پڇن ٿا. فرماءِ تہ الله تعاليٰ توهان

الْكَلٰلَةِ ۭ اِنِ امْرُؤٌا هَلَكَ لَيْسَ لَهٗ وَلَدٌ وَّلَهٗٓ اُخْتٌ فَلَهَا

کي "ڪلاله" جي باري ۾ فتويٰ ڏئي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو شخص مري وڃي ۽ سندس ڪو اولاد نہ هجي ۽ سندس (وارث)

نِصْفُ مَا تَرَكَ ۚ وَهُوَ يَرِثُهَآ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهَا وَلَدٌ ۭ فَاِنْ

هڪ ڀيڻ هجي تہ سندس ڇڏيل مال مان انهيءَ لاءِ اڌ مال آهي ۽ اهو (ڀاءُ) انهيءَ (ڀيڻ) جو وارث ٿيندو، بشرطيڪ

كَانَتَا اثْنَتَيْنِ فَلَهُمَا الثُّلُثٰنِ مِمَّا تَرَكَ ۭ وَاِنْ كَانُوْٓا اِخْوَةً

سندس ڪو اولاد نہ هجي ۽ جيڪڏهن (اهڙي بي اولاد فوتيءَ جون) وارث ٻہ ڀينرون هجن تہ ڪين سندس ڇڏيل مال مان

رِّجَالًا وَّنِسَآءً فَلِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْاُنْثَيَيْنِ ۭ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ

ٻہ حصا ملندا ۽ جيڪڏهن (سندس وارث وڌيڪ يعني) ڀائر ۽ ڀينرون هجن تہ پوءِ هڪ مرد لاءِ ٻن عورتن جيترو حصو

اَنْ تَضِلُّوْا ط وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِیْمٌ ﴿۱۷۶﴾ ع

آهي. الله توهان لاءِ (پنهنجا حڪم) روشن ڪري ٿو ته جيئن توهان گمراه (نه) ٿيو ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ﴿۱۷۶﴾

اٰیَاتُهَا ۱۲۰ (۵) سُوْرَةُ الْمَآئِدَةِ مَدَنِيَّةٌ (۱۱۲) رُكُوْعَاتُهَا ۱۶

سورة المائدة مدني آهي. منجهس هڪ سو ويهه آيتون ۽ سورهن رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

یٰٓاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْٓا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ ط اُحِلَّتْ لَكُمْ بَهِیْمَةُ الْاَنْعَامِ

اي ايمان وارو! پنهنجا عهد پورا ڪريو. توهان لاءِ بي زبان چوپاين جانورن کي حلال ڪيو ويو آهي، مگر جيڪي

اِلَّا مَا یُتْلٰی عَلَیْكُمْ غَیْرَ مُحِلِّی الصَّیْدِ وَاَنْتُمْ حُرُمٌ ط اِنَّ اللّٰهَ

توهان تي پڙهيا وڃن ٿا، بشرطيڪ احرام جي حالت ۾ شڪار ڪرڻ وارا نه هجو. بيشڪ الله تعاليٰ جو چاهي ٿو،

یَحْكُمُ مَا یُرِیْدُ ﴿۱﴾ یٰٓاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحِلُّوْا شَعَآئِرَ اللّٰهِ

حڪم ڪري ٿو ﴿۱﴾ اي ايمان وارو! الله جي نشانن (يعني قربانيءَ جي جانورن) جي بي حرمتي نه ڪريو ۽ نه عزت

وَلَا الشَّهْرَ الْحَرَامَ وَلَا الْهَدْیَ وَلَا الْقَلَآئِدَ وَلَآ آٰمِّیْنَ الْبَیْتَ

وارن مهينن کي حلال ڪريو (يعني چئن مهينن رجب، ذوالقعدة، ذوالحج ۽ محرم ۾ جنگ نه ڪريو.) ۽ نه حج جي

الْحَرَامَ یَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرِضْوَانًا ط وَاِذَا حَلَلْتُمْ

قربانيءَ وارن جانورن کي ۽ نه انهن جانورن کي (حرم ڏانهن وڃڻ کان روڪيو)، جن جي ڳچين ۾ الله جي نذرانيءَ

فَاصْطَادُوْا ط وَلَا یَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ اَنْ صَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ

جا ڳٽ ٻڌل آهن ۽ نه بيت الله شريف ڏانهن ويندڙن کي روڪيو، جيڪي (حج جي موسم ۾) پنهنجي ربّ جو فضل (يعني

وقف لازم

الْحَرَامِ اَنْ تَعْتَدُوْا ۘ وَتَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ۠ وَلَا تَعَاوَنُوْا عَلَى

واپار) ۽ سندس رضامندي چاهين ٿا ۽ جڏهن احرام کان ٻاهر نڪرو ته پوءِ (جائز آهي ته) شڪار ڪريو ۽ توهان کي

الربع

الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ۠ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ② حُرِّمَتْ

انهن ماڻهن جي دشمني، جن توهان کي ڪعبت الله کان روڪيو، هرگز هن ڳالهه تي نه اڀاري ته توهان به تعدي ڪريو ۽ نيڪيءَ ۾ هڪ ٻئي
جي مدد ڪريو ۽ گناهه ۽ دشمنيءَ ۾ هڪ ٻئي جي مدد نه ڪريو ۽ الله کان ڊڄو. بيشڪ الله سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي ② توهان تي

عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةُ وَالدَّمُ وَلَحْمُ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ

حرام ڪيو ويو آهي مئل جانور ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ جنهن شيءِ تي الله کان سواءِ ٻئي جو نالو پڪاريو ويو هجي ۽

وَالْمُنْخَنِقَةُ وَالْمَوْقُوْذَةُ وَالْمُتَرَدِّيَةُ وَالنَّطِيْحَةُ وَمَآ اَكَلَ السَّبُعُ

گهٽو ڏئي ماريل ۽ ڏڪ سان ماريل ۽ ڪِري مرندڙ ۽ سڱ سان ماريل جانور ۽ جنهن (شڪار) کي چيري ڦاڙي کائيندڙ

اِلَّا مَا ذَكَّيْتُمْ ۟ وَمَا ذُبِحَ عَلَى النُّصُبِ وَاَنْ تَسْتَقْسِمُوْا

جانور کائين (سو به حرام آهي)، مگر جنهن کي توهان (مرڻ کان اڳ) ذبح ڪريو ۽ جيڪو جانور آستانن تي ذبح ڪيو

بِالْاَزْلَامِ ؕ ذٰلِكُمْ فِسْقٌ ؕ اَلْيَوْمَ يَىِٕسَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ دِيْنِكُمْ

وڃي (سو به حرام آهي) ۽ هيءُ ته تير هڻي (جانورن جو گوشت) ورهايو. توهان جا اهي (سڀ) گناهه جا ڪم آهن. اڄ

فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِ ؕ اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ

ڪافر توهان جي دين کان مايوس ٿي چڪا، پوءِ انهن کان نه ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو. اڄ مون توهان لاءِ توهان جي دين کي

عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ؕ فَمَنِ اضْطُرَّ فِيْ

ڪامل ڪري ڇڏيو ۽ توهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪري ڇڏيم ۽ توهان لاءِ دين اسلام کي پسند ڪيم، پوءِ جيڪو گناهه

مَخْمَصَةٍ غَيْرَ مُتَجَانِفٍ لِّاِثْمٍ ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ③

جي نيت ڪرڻ کان سواءِ، بک جي سبب مجبور هجي ته پوءِ بيشڪ الله مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ③

يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَآ اُحِلَّ لَهُمْ ؕ قُلْ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ۙ وَ مَا

(اي مُحَمَّد ﷺ!) توکان پڇن ٿا ته سندن لاءِ ڪھڙيون شيون حلال ڪيون ويون آھن؟ فرماءِ ته توھان لاءِ پاڪ شيون ۽

عَلَّمْتُمْ مِّنَ الْجَوَارِحِ مُكَلِّبِيْنَ تُعَلِّمُوْنَهُنَّ مِمَّا عَلَّمَكُمُ اللّٰهُ ۫

اھو (شڪار) حلال ڪيو ويو آھي، جيڪو توھان جا سيکاريل شڪاري پکي ۽ شڪاري ڪتا پڪڙي اچن، (بشرطيڪ

فَكُلُوْا مِمَّآ اَمْسَكْنَ عَلَيْكُمْ وَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهِ ۪ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ

جيڪي ڪجھ الله تعاليٰ توھان کي سيکاريو آھي، انھن کي به اھا سکيا ڏيو، پوءِ جيڪو (شڪار) اھي توھان لاءِ

اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ۝۴ اَلْيَوْمَ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ؕ وَ طَعَامُ

پڪڙي اچن، انھيءَ مان کائو (جيتوڻيڪ ان کي ماري ڇڏين) ۽ (شڪاري پکين ۽ ڪتن کي شڪار تي موڪلڻ وقت) الله جو نالو
وٺو ۽ الله تعاليٰ کان ڊڄو. بيشڪ الله جلد حساب وٺندڙ آھي ۝۴ اڄ توھان لاءِ حلال ڪيون ويون آھن پاڪ شيون ۽ جن کي

الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ حِلٌّ لَّكُمْ ۪ وَطَعَامُكُمْ حِلٌّ لَّهُمْ ۫ وَالْمُحْصَنٰتُ

ڪتاب ڏنو ويو آھي، تن جو ڪاڌو (يعني انھن جو ذبيحو) توھان لاءِ حلال آھي ۽ توھان جو ڪاڌو انھن لاءِ حلال آھي ۽

مِنَ الْمُؤْمِنٰتِ وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ

پاڪدامن مؤمنياڻيون ۽ انھن ماڻھن جون پاڪدامن عورتون، جن کي توھان کان اڳ ڪتاب ڏنو ويو آھي (يعني

اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ مُحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ وَلَا مُتَّخِذِيْٓ

يھودين ۽ عيسائين جون عورتون) جڏھن ڪين سندن مھر ڏيو. نڪاح ڪندڙ ھجو، نه زنا ڪندڙ ھجو ۽ نه ڳجھي

اَخْدَانٍ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهٗ ۫ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ

ياري رکندڙ ھجو ۽ جيڪو شخص ايمان جو انڪار ڪندو ته پوءِ بيشڪ سندس عملُ ڇٽ ٿي ويو ۽ اھو آخرت ۾

مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ۝۵ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ ع ٥

نقصان پوڻ وارن مان آھي ۝۵ اي ايمان وارو! جڏھن نماز جي لاءِ اٿو ته پنھنجن منھن ڪي ۽ پنھنجن

فَاغْسِلُوْا وُجُوْهَكُمْ وَ اَيْدِيَكُمْ اِلَى الْمَرَافِقِ وَ امْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ وَ

هٿن کي ٺونين تائين ڌوئو ۽ پنهنجن مٿن جي مسح ڪريو ۽ پيڏين تائين پنهنجا پير (ٻہ ڌوئو)

اَرْجُلَكُمْ اِلَى الْكَعْبَيْنِ ؕ وَاِنْ كُنْتُمْ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوْا ؕ وَاِنْ كُنْتُمْ

۽ جيڪڏهن توهان کي غسل جي حاجت هجي تہ چڱيءَ طرح پاڪ صاف ٿيو

مَّرْضٰۤى اَوْ عَلٰى سَفَرٍ اَوْ جَآءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَآئِطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ

۽ جيڪڏهن بيمار يا مسافر هجو، يا توهان مان ڪو پنهنجي حاجت پوري ڪري اچي، يا

النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَآءً فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا فَامْسَحُوْا

توهان پنهنجين زالن سان صحبت ڪريو، پوءِ پاڻي نہ لهو تہ پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪريو.

بِوُجُوْهِكُمْ وَ اَيْدِيْكُمْ مِّنْهُ ؕ مَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيَجْعَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ

پوءِ ان سان پنهنجن منهن ۽ پنهنجن هٿن تي مسح ڪريو. الله تعاليٰ توهان تي تنگي ڪرڻ نٿو گهري،

حَرَجٍ وَّلٰكِنْ يُّرِيْدُ لِيُطَهِّرَكُمْ وَلِيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ

پر گهري ٿو تہ توهان کي پاڪ ڪري ۽ توهان تي پنهنجي نعمت کي پورو ڪري، شايد

تَشْكُرُوْنَ ۝٦ وَاذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ مِيْثَاقَهُ الَّذِيْ

توهان شڪر ڪريو ⑥ ۽ پاڻ تي الله جي انهيءَ نعمت کي ۽ ان جي پختي عهد کي ياد ڪريو، جيڪو

وَاثَقَكُمْ بِهٖ ۙ اِذْ قُلْتُمْ سَمِعْنَا وَ اَطَعْنَا ؗ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ

انهيءَ توهان کان ورتو آهي. جڏهن توهان چيو تہ ٻڌوسون ۽ تابعداري ڪئي سون ۽ الله کان ڊڄو.

اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝٧ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا

بيشڪ الله سينن جي رازن کي ٻہ ڄاڻندڙ آهي ⑦ اي ايمان وارو! الله لاءِ انصاف جي شاهدي ڏيندڙ ٿي

قَوّٰمِيْنَ لِلّٰهِ شُهَدَآءَ بِالْقِسْطِ ز وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ

بيهو ۽ ڪنهن قوم جي دشمني توهان کي هن ڳالهه تي نه اپاري ته ناانصافي ڪريو. انصاف ڪريو.

عَلٰٓى اَلَّا تَعْدِلُوْا ط اِعْدِلُوْا قف هُوَ اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى ز وَاتَّقُوا اللّٰهَ ط

اهائي ڳالهه تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي وڌيڪ ويجهي آهي ۽ الله کان ڊڄو. بيشڪ جيڪي ڪجهه توهان

اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ⑧ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

ڪريو ٿا، ان جي الله تعاليٰ خبر رکندڙ آهي ⑧ الله تعاليٰ انهن ماڻهن سان وعدو ڪيو آهي،

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لا لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ⑨ وَالَّذِيْنَ

جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ته سندن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي ⑨ ۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو

كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ⑩ يٰٓاَيُّهَا

۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيائون، اهي ئي ماڻهو دوزخي آهن ⑩ اي ايمان وارو! پاڻ تي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ هَمَّ قَوْمٌ اَنْ

الله جي انهيءَ نعمت کي ياد ڪريو، جڏهن هڪڙي قوم (يعني لعنتي يهودين) پنهنجن هٿن کي توهان ڏانهن وڌائڻ

يَّبْسُطُوْٓا اِلَيْكُمْ اَيْدِيَهُمْ فَكَفَّ اَيْدِيَهُمْ عَنْكُمْ ج وَاتَّقُوا اللّٰهَ ط

جي ڪوشش ڪئي (جيئن توهان تي حملو ڪن.) پوءِ انهيءَ سندن هٿن کي توهان کان روڪيو ۽ الله کان ڊڄو ۽ مؤمنن

وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ع ⑪ وَلَقَدْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ بَنِيْٓ

کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي ⑪ ۽ تحقيق الله تعاليٰ (توريت تي عمل ڪرڻ لاءِ) بني اسرائيل کان

اِسْرَآءِيْلَ ج وَبَعَثْنَا مِنْهُمُ اثْنَيْ عَشَرَ نَقِيْبًا ط وَقَالَ اللّٰهُ اِنِّيْ

عهد ورتو ۽ انهن تي (پنهنجي قوم جي طرفان وعده وفائي جي ضمانت ڏيڻ لاءِ) ٻارنهن سردار مقرر ڪياسون

مَعَكُمْ ؕ لَئِنْ اَقَمْتُمُ الصَّلٰوةَ وَاٰتَيْتُمُ الزَّكٰوةَ وَ اٰمَنْتُمْ بِرُسُلِىْ

۽ الله فرمايو تہ بيشڪ آءٌ توهان سان گڏ آهيان، جيڪڏهن توهان نماز قائم ڪندا ۽ زڪوٰة ڏيندا ۽ منهنجن رسولن تي

وَعَزَّرْتُمُوْهُمْ وَاَقْرَضْتُمُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا لَّاُكَفِّرَنَّ عَنْكُمْ

ايمان آڻيندا ۽ سندن مدد ڪندا ۽ الله کي سهڻو قرض ڏيندا تہ ضرور توهان کان توهان جون برايون مِٽائيندس ۽ انهن

سَيِّاٰتِكُمْ وَلَاُدْخِلَنَّكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ

کي نيڪين ۾ مَٽائيندس ۽ ضرور توهان کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندس، جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون

فَمَنْ كَفَرَ بَعْدَ ذٰلِكَ مِنْكُمْ فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿١٢﴾ فَبِمَا

آهن، پوءِ جيڪو ان کان بعد توهان مان ڪفر ڪندو، تہ پوءِ بيشڪ اهو سڌي واٽ کان گمراھ ٿيو ﴿١٢﴾ پوءِ سندن وعدي جي

نَقْضِهِمْ مِّيْثَاقَهُمْ لَعَنّٰهُمْ وَجَعَلْنَا قُلُوْبَهُمْ قٰسِيَةً ۚ يُحَرِّفُوْنَ

ڀڃڪڙي جي سبب، مٿن لعنت ڪئي سون ۽ سندن دلين کي سخت ڪيوسون. اهي (توريت جي) لفظن کي

الْكَلِمَ عَنْ مَّوَاضِعِهٖ ۙ وَنَسُوْا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ ۚ وَلَا تَزَالُ

پنهنجين جاين تان بدلائين ٿا ۽ توريت جي ذريعي کين جيڪا نصيحت ڪئي وئي، ان جو پاڱو وساري ڇڏيائون ۽

تَطَّلِعُ عَلٰى خَآئِنَةٍ مِّنْهُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاصْفَحْ ؕ

(اي مُحمّد ﷺ!) منجهن سدائين ڪنهن نہ ڪنهن جي خيانت کان واقف ٿيندو رهندين، سواءِ ٿورن جي، پوءِ کين معاف ڪر

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣﴾ وَمِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰٓى اَخَذْنَا

۽ (انهن کي) بخش، بيشڪ الله احسان ڪندڙن کي دوست رکي ٿو ﴿١٣﴾ ۽ جيڪي ماڻهو چون ٿا تہ بيشڪ اسين نصاريٰ

مِيْثَاقَهُمْ فَنَسُوْا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ ۖ فَاَغْرَيْنَا بَيْنَهُمُ الْعَدَاوَةَ

آهيون، تن کان عهد ورتوسون. پوءِ جيڪا نصيحت ان جي ذريعي کين ڪئي وئي، ان جو پاڱو وساري ڇڏيائون.

وَالْبَغْضَآءَ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ؕ وَسَوْفَ يُنَبِّئُهُمُ اللّٰهُ بِمَا كَانُوْا

پوءِ قيامت تائين منجهن دشمني ۽ ساڙ وجهي ڇڏيوسون ۽ جيڪي ڪجهه اهي ڪن ٿا، ان جي الله کين سگهوئي

يَصْنَعُوْنَ ﴿١٤﴾ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ لَكُمْ

خبر ڏيندو ﴿١٤﴾ اي ڪتاب وارو! بيشڪ توهان وٽ اسان جو رسول (يعني حضرت محمد ﷺ) اچي چڪو آهي، جيڪو

كَثِيْرًا مِّمَّا كُنْتُمْ تُخْفُوْنَ مِنَ الْكِتٰبِ وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ؕ قَدْ

ڪتاب جون گهڻيون ڳالهيون (مثلاً رجم جي آيت ۽ پنهنجي پيغمبريءَ جون صفتون) جن کي توهان لڪائيندا هئا،

جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّكِتٰبٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾ لا يَّهْدِيْ بِهِ اللّٰهُ مَنِ

توهان کي کولي ٻڌائي ٿو ۽ گهڻيون (ڳالهيون) معاف ڪري ٿو. بيشڪ توهان وٽ الله جي طرفان هڪ نور (يعني حضرت
محمد ﷺ) ۽ روشن ڪتاب (يعني قرآن پاڪ) آيو آهي ﴿١٥﴾ جنهن جي ذريعي الله انهن کي هدايت ڏئي ٿو، جيڪي

اتَّبَعَ رِضْوَانَهٗ سُبُلَ السَّلٰمِ وَيُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى

سلامتيءَ جي واٽن تي هلندي سندس راضپو ڳولين ٿا ۽ پنهنجي حڪم سان انهن کي (ڪفر جي) اونداهين

النُّوْرِ بِاِذْنِهٖ وَيَهْدِيْهِمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٦﴾ لَقَدْ كَفَرَ

مان ڪڍي (ايمان جي) نور ڏانهن آڻي ٿو ۽ کين سڌي واٽ ڏيکاري ٿو ﴿١٦﴾ بيشڪ اهي ماڻهو ڪافر ٿيا،

الَّذِيْنَ قَالُوْۤا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ ؕ قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ

جن چيو ته الله پاڻ مسيح پٽ مريم آهي. (اي مُحَمَّدُ ﷺ!) فرماءِ ته جيڪڏهن الله، مسيح پٽ مريم ۽ سندس

مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا اِنْ اَرَادَ اَنْ يُّهْلِكَ الْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ وَاُمَّهٗ

ماءُ کي ۽ جيڪا به (مخلوق) زمين ۾ آهي، انهن سڀني کي هلاڪ ڪري ته ڪير الله کان انهن کي ڪجهه به بچائي

وَمَنْ فِى الْاَرْضِ جَمِيْعًا ؕ وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَ

سگهندو؟ ۽ آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي ڪجهه انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي، تن جي بادشاهي الله تعاليٰ

مَا بَيْنَهُمَا ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۱۷﴾

جي لاءِ آهي. (ربّ ڪريم) جيڪي ڪجھ بہ گھري ٿو، پيدا ڪري ٿو ۽ الله هر شيءِ تي وس وارو آهي ﴿۱۷﴾

وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ وَالنَّصٰرٰى نَحْنُ اَبْنٰٓؤُا اللّٰهِ وَاَحِبَّآؤُهٗ ؕ قُلْ فَلِمَ

۽ يھودين ۽ عيسائين چيو تہ اسان الله جا پٽ ۽ سندس پيارا آهيون (اي محمّد ﷺ!) فرماءِ تہ پوءِ چو تو توهان کي توهان جي

يُعَذِّبُكُمْ بِذُنُوْبِكُمْ ؕ بَلْ اَنْتُمْ بَشَرٌ مِّمَّنْ خَلَقَ ؕ يَغْفِرُ لِمَنْ

گناهن جي سبب عذاب ڪري؟ بلڪ توهين (انهيءَ جنس جا) انسان آهيو، جن کي الله پيدا ڪيو آهي. جنهن کي گھري ٿو،

يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا

بخشي ٿو ۽ جنهن کي گھري ٿو عذاب ڪري ٿو ۽ آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي انهي جي وچ ۾ آهي، تنهن جي بادشاهي الله

بَيْنَهُمَا ؗ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿۱۸﴾ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ

لاءِ آهي ۽ (سڀ ڪي) ان ڏانهن موٽڻو آهي ﴿۱۸﴾ اي ڪتاب وارو! بيشڪ توهان وٽ اسان جو رسول (حضرت محمد ﷺ) پيغمبرن

لَكُمْ عَلٰى فَتْرَةٍ مِّنَ الرُّسُلِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا جَآءَنَا مِنْۢ بَشِيْرٍ

جي وقفي کان پوءِ اچي چڪو آهي، توهان تي (حق کي) روشن ڪري ٿو. متان چئو تہ اسان وٽ بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ (ڪو

وَّلَا نَذِيْرٍ ؗ فَقَدْ جَآءَكُمْ بَشِيْرٌ وَّنَذِيْرٌ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ

رسول سڳورو) نہ آيو. پوءِ بيشڪ توهان وٽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ (رسول پاڪ ﷺ) اچي چڪو آهي ۽ الله هر شيءِ

قَدِيْرٌ ﴿۱۹﴾ ع وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ ٣ ع ٨ ٧

تي وس وارو آهي ﴿۱۹﴾ ۽ جڏهن موسىٰ (عليه السلام) پنهنجي قوم کي چيو تہ اي منهنجي قوم! پاڻ تي الله جي اها نعمت ياد

عَلَيْكُمْ اِذْ جَعَلَ فِيْكُمْ اَنْۢبِيَآءَ وَجَعَلَكُمْ مُّلُوْكًا ۖۗ وَّاٰتٰىكُمْ مَّا لَمْ

ڪريو، جڏهن توهان ۾ پيغمبرَ موڪليائين ۽ توهان کي (مختلف ملڪن جو) بادشاهہ ڪيائين ۽ جيڪي ڪجھ توهان کي ڏنائين،

يُؤْتِ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۲۰﴾ يٰقَوْمِ ادْخُلُوا الْاَرْضَ الْمُقَدَّسَةَ الَّتِيْ

جهانن وارن مان ڪنهن کي (قوم) ڪي بہ نہ ڏنائين ﴿۲۰﴾ اي منهنجي قوم وارو! پاڪ سرزمين ۾ داخل ٿيو،

كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَرْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿۲۱﴾

جيڪا الله توهان لاءِ لکي ڇڏي آهي ۽ پنهنجين ڪڙين پر پوئتي نہ هٽو، نہ تہ توهان ڦري نقصان پوڳڻ وارا ٿيندا ﴿۲۱﴾

قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّ فِيْهَا قَوْمًا جَبَّارِيْنَ ۖ وَاِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَا حَتّٰى

چيائون تہ اي موسيٰ! (عليه السلام) بيشڪ ان ۾ هڪڙي وڏي طاقتور قوم آهي ۽ اسين هرگز منجهس داخل نہ ٿينداسون،

يَخْرُجُوْا مِنْهَا ۚ فَاِنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا فَاِنَّا دٰخِلُوْنَ ﴿۲۲﴾ قَالَ رَجُلٰنِ

تانجو اتان نڪرن. پوءِ جيڪڏهن اتان نڪرندا تہ پوءِ بيشڪ اسين داخل ٿيڻ وارا آهيون ﴿۲۲﴾ (الله جو) خوف رکندڙ ٻن

مِنَ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمَا ادْخُلُوْا عَلَيْهِمُ الْبَابَ ۚ فَاِذَا

ڄڻن، جن تي الله پنهنجي نعمت فرمائي هئي، تن (ڪين) چيو تہ انهن (يعني پنهنجي دشمن) تي دروازي مان داخل

دَخَلْتُمُوْهُ فَاِنَّكُمْ غٰلِبُوْنَ ۚ۬ وَعَلَى اللّٰهِ فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ

ٿيو، پوءِ جڏهن توهان ان (شهر) ۾ داخل ٿيندا تہ بيشڪ توهان ئي غالب آهيو ۽ الله تي ئي ڀروسو ڪريو، جيڪڏهن

مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۲۳﴾ قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَآ اَبَدًا مَّا دَامُوْا فِيْهَا

توهان مؤمن آهيو ﴿۲۳﴾ چيائون تہ اي موسيٰ! منجهس هرگز داخل نہ ٿينداسون، جيستائين اهي اتي آهن. پوءِ (اي

فَاذْهَبْ اَنْتَ وَرَبُّكَ فَقَاتِلَآ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ ﴿۲۴﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ لَآ

موسيٰ) تون ۽ تنهنجو ربّ وڃي وڙهو، بيشڪ اسين هتي ئي ويٺا آهيون ﴿۲۴﴾ (موسيٰ عليه السلام) چيو تہ ربّ منهنجا! آءٌ

اَمْلِكُ اِلَّا نَفْسِيْ وَاَخِيْ فَافْرُقْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ﴿۲۵﴾

پنهنجي سر ۽ پنهنجي ڀاءُ کان سواءِ ڪنهن تي اختيار نٿو رکان، پوءِ اسان جي ۽ فاسق قوم جي وچ ۾ جدائي وجهہ ﴿۲۵﴾

قَالَ فَاِنَّهَا مُحَرَّمَةٌ عَلَيْهِمْ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۚ يَتِيْهُوْنَ فِي الْاَرْضِ ؕ

(الله) فرمايو تہ پوءِ بيشڪ اها (سرزمين) چاليھ سال متن حرام آهي. اهي زمين (يعني تيھ جي رڻ پٽ) ۾ حيران، پريشان

فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٦﴾ وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ ابْنَيْ اٰدَمَ

ڀٽڪندا وتندا. پوءِ (اي موسيٰ عليه السلام!) نافرمان قوم تي غم نہ ڪر ﴿٢٦﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!) ڪين آدم جي ٻن پٽن (هابيل ۽ قابيل) جي

بِالْحَقِّ ۘ اِذْ قَرَّبَا قُرْبَانًا فَتُقُبِّلَ مِنْ اَحَدِهِمَا وَلَمْ يُتَقَبَّلْ مِنَ

سچي خبر پڙهي ٻڌاءِ، جڏهن ٻنهي قرباني ڪئي، پوءِ ٻنهي مان هڪ جي (قرباني) قبول ڪئي وئي ۽ ٻئي جي قبول نہ

الْاٰخَرِ ؕ قَالَ لَاَقْتُلَنَّكَ ؕ قَالَ اِنَّمَا يَتَقَبَّلُ اللّٰهُ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٢٧﴾

ٿي. (قابيل) چيو تہ ضرور توکي قتل ڪندس. (هابيل) چيو تہ الله رڳو پرهيزگارن جي (قرباني) قبول ڪندو آهي ﴿٢٧﴾

لَئِنْ بَسَطْتَّ اِلَيَّ يَدَكَ لِتَقْتُلَنِيْ مَآ اَنَا بِبَاسِطٍ يَّدِيَ اِلَيْكَ

البت جيڪڏهن مون کي قتل ڪرڻ لاءِ پنهنجو هٿ مون ڏانهن وڌائيندين تہ توکي قتل ڪرڻ لاءِ آءٌ پنهنجو هٿ تو ڏانهن

لِاَقْتُلَكَ ۚ اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٨﴾ اِنِّيْٓ اُرِيْدُ اَنْ تَبُوْٓاَ

وڌائڻ وارو نہ آهيان. بيشڪ آءٌ جهانن جي پالڻهار الله کان ڊڄان ٿو ﴿٢٨﴾ بيشڪ آءٌ گهران ٿو تہ منهنجي (قتل

بِاِثْمِيْ وَاِثْمِكَ فَتَكُوْنَ مِنْ اَصْحٰبِ النَّارِ ۚ وَذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٩﴾ ۚ

جو) گناھ ۽ پنهنجي (ڪفر جو) گناھ پاڻ تي کڻين، پوءِ دوزخين مان ٿئين ۽ اهائي ظالمن جي سزا آهي ﴿٢٩﴾

فَطَوَّعَتْ لَهٗ نَفْسُهٗ قَتْلَ اَخِيْهِ فَقَتَلَهٗ فَاَصْبَحَ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٣٠﴾

پوءِ ڪيس سندس نفس پنهنجي ڀاءُ جي قتل لاءِ تيار ڪيو. پوءِ ڪيس قتل ڪيائين. پوءِ نقصان پوڻ وارن مان ٿيو ﴿٣٠﴾

فَبَعَثَ اللّٰهُ غُرَابًا يَّبْحَثُ فِي الْاَرْضِ لِيُرِيَهٗ كَيْفَ يُوَارِيْ

پوءِ الله هڪ ڪانءُ موڪليو، جيڪو (سندس سامهون) زمين کي کوٽڻ لڳو، جيئن ڪيس ڏيکاري تہ پنهنجي ڀاءُ جي لاش

وقف لازم

النصف

ع ٨

سَوْءَةَ اَخِيْهِ ؕ قَالَ يٰوَيْلَتٰۤى اَعَجَزْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِثْلَ هٰذَا الْغُرَابِ

كي كيئن لكائي ؟ (قابيل) چيو تہ هاءِ مون تي افسوس! ڇا آءٌ هن كانوَ وانگر ٿيڻ كان بہ عاجز آهيان، جو

فَاُوَارِيَ سَوْءَةَ اَخِيْ ۚ فَاَصْبَحَ مِنَ النّٰدِمِيْنَ ﴿۳۱﴾ مِنْ اَجْلِ ذٰلِكَ ۛ

پنهنجي ڀاءُ جو لاش لكايان ها. پوءِ پشيمانن مان ٿي پيو ﴿۳۱﴾ انهيءَ (واقعي جي) كري بني اسرائيل تي

كَتَبْنَا عَلٰى بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ اَنَّهٗ مَنْ قَتَلَ نَفْسًا بِغَيْرِ نَفْسٍ اَوْ

لكيوسون (۽ فرض كيوسون) تہ جيكو شخص كنهن جان جي بدلي وٽڻ، يا زمين ۾ فساد وجهڻ (يعني شرك

فَسَادٍ فِي الْاَرْضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِيْعًا ؕ وَمَنْ اَحْيَاهَا

كرڻ) كان سواءِ كنهن جان كي (ناحقّ) قتل كندو، انهيءَ ڄڻ سڀني انسانن كي قتل كيو ۽

فَكَاَنَّمَاۤ اَحْيَا النَّاسَ جَمِيْعًا ؕ وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا بِالْبَيِّنٰتِ ز

جنهن ان كي بچايو، پوءِ انهيءَ ڄڻ سڀني انسانن كي بچايو ۽ تحقيق انهن وٽ اسان جا پيغمبر روشن

ثُمَّ اِنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ بَعْدَ ذٰلِكَ فِي الْاَرْضِ لَمُسْرِفُوْنَ ﴿۳۲﴾

معجزن سان آيا. پوءِ بہ بيشك ان كان بعد انهن مان گهڻا (ماڻهو) زمين ۾ فساد وجهڻ وارا آهن ﴿۳۲﴾

اِنَّمَا جَزٰٓؤُا الَّذِيْنَ يُحَارِبُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَسْعَوْنَ فِي الْاَرْضِ

بيشك جيكي ماڻهو الله ۽ سندس رسول (كريم ﷺ) سان وڙهن ٿا ۽ زمين ۾ فساد جي كوشش كن ٿا،

فَسَادًا اَنْ يُّقَتَّلُوْۤا اَوْ يُصَلَّبُوْۤا اَوْ تُقَطَّعَ اَيْدِيْهِمْ وَ اَرْجُلُهُمْ

انهن جي سزا هيءَ آهي تہ انهن كي قتل كيو وڃي، يا انهن كي ڦاهيءَ تي چاڙهيو وڃي، يا سندن هٿن ۽

مِّنْ خِلَافٍ اَوْ يُنْفَوْا مِنَ الْاَرْضِ ؕ ذٰلِكَ لَهُمْ خِزْيٌ فِي الدُّنْيَا

سندن پيرن كي ابتو سبتو وڍيو وڃي، يا كين ديس نيكالي ڏني وڃي. انهن جي لاءِ دنيا ۾ اها خواري آهي

معانقة ٥ عند المتأخرين
وقف النبي صلى الله عليه وسلم

وَ لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۳۳﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْ

۽ آخرت ۾ انهن جي لاءِ هڪ وڏو عذاب (تيار) آهي ﴿۳۳﴾ مگر اهي ماڻهو، جيڪي توهان جي

قَبْلِ اَنْ تَقْدِرُوْا عَلَيْهِمْ ۚ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳۴﴾ ع

قبضي ۾ پڪڙ ۾ اچڻ کان اڳ ئي توبه ڪري وٺن ته پوءِ ڄاڻو ته الله تعاليٰ مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿۳۴﴾

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَابْتَغُوْٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ وَ

اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ وٽس وسيلو تلاش ڪريو، (يعني نيڪ عملن سان الله پاڪ جو قرب حاصل ڪريو.) ۽

جَاهِدُوْا فِيْ سَبِيْلِهٖ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۳۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ

سندس واٽ ۾ جهاد ڪريو، مَنَ توهين ڪامياب ٿيو ﴿۳۵﴾ بيشڪ جن ماڻهن ڪفر ڪيو، انهن وٽ جيڪڏهن اهو سڀ

اَنَّ لَهُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا وَّ مِثْلَهٗ مَعَهٗ لِيَفْتَدُوْا بِهٖ

ڪجهه هجي، جيڪو زمين ۾ آهي ۽ ان سان گڏ ايترو ٻيو به هجي ته اهو (سڀ) قيامت جي ڏينهن جي عذاب کان

مِنْ عَذَابِ يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَا تُقُبِّلَ مِنْهُمْ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۳۶﴾

(بچڻ لاءِ بدلي ۾) فديي ۾ ڏيندا، (پر اهو سڀ به) انهن کان قبول نه ڪيو ويندو ۽ سندن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿۳۶﴾

يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنَ النَّارِ وَمَا هُمْ بِخٰرِجِيْنَ مِنْهَا ز

اهي گهرندا ته دوزخ مان ٻاهر نڪرن ۽ اهي انهيءَ مان ٻاهر نڪرڻ وارا نه آهن ۽ انهن جي لاءِ

وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿۳۷﴾ وَالسَّارِقُ وَالسَّارِقَةُ فَاقْطَعُوْٓا

(دائم ۽) قائم رهندڙ عذاب آهي ﴿۳۷﴾ ۽ چور مرد ۽ چور عورت، ٻنهي (مان هر هڪ) جا هٿ ڪٽيو.

اَيْدِيَهُمَا جَزَآءًۢ بِمَا كَسَبَا نَكَالًا مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ

اهو سندن ڪرتوتن جو ڪجهه بدلو (۽) الله تعاليٰ جي طرفان هڪ عبرتناڪ سزا آهي ۽ الله غالب،

حَكِيْمٌ ﴿٣٨﴾ فَمَنْ تَابَ مِنْۢ بَعْدِ ظُلْمِهٖ وَاَصْلَحَ فَاِنَّ اللّٰهَ

حڪمت وارو آهي ﴿٣٨﴾ پوءِ جيڪو شخص پنهنجي ظلم ڪان بعد توبه ڪندو ۽ پنهنجي اصلاح ڪندو ته پوءِ بيشڪ

يَتُوْبُ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣٩﴾ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ

الله تعاليٰ انهيءَ تي رحم ڪندو. بيشڪ الله مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿٣٩﴾ ڇا نٿو ڄاڻين ته آسمانن

اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ وَ

۽ زمين جي بادشاهي الله جي ئي آهي ؟ جنهن تي گهرندو آهي، انهيءَ تي عذاب ڪندو آهي

يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤٠﴾ يٰۤاَيُّهَا

۽ جنهن ڪي گهرندو آهي، ان ڪي بخشيندو آهي ۽ الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ﴿٤٠﴾ اي (واجب التعظيم)

الرَّسُوْلُ لَا يَحْزُنْكَ الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِى الْكُفْرِ مِنَ الَّذِيْنَ

پيغمبر (ﷺ!) تو ڪي اهي ماڻهو غم ۾ نه وجهن، جيڪي ڪفر ۾ ڊڪ ڊوڙ ڪن ٿا. پنهنجن واتن سان چون ٿا ته

قَالُوْۤا اٰمَنَّا بِاَفْوَاهِهِمْ وَلَمْ تُؤْمِنْ قُلُوْبُهُمْ ۛۚ وَمِنَ الَّذِيْنَ

ايمان آندوسون ۽ سندن دلين ايمان نه آندو آهي ۽ يهودين مان ڪي حد ڪان وڌيڪ ڪوڙ ٻڌندڙ آهن، انهيءَ قوم جي

هَادُوْا ۛۚ سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ سَمّٰعُوْنَ لِقَوْمٍ اٰخَرِيْنَ ۙ لَمْ يَاْتُوْكَ ؕ

جاسوسي ڪندڙ آهن، جيڪي تو وٽ نه آيا آهن. (رجم جي) ڳالهين ڪي پنهنجين جاين تي قائم ٿيڻ ڪان بعد به

يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ مِنْۢ بَعْدِ مَوَاضِعِهٖ ۚ يَقُوْلُوْنَ اِنْ اُوْتِيْتُمْ هٰذَا

بدلائين ٿا، (خيبر يا بنوقريظه جا اهي يهودي) چون ٿا ته جيڪڏهن توهان ڪي (حضرت محمد ﷺ جي طرفان زانين

فَخُذُوْهُ وَاِنْ لَّمْ تُؤْتَوْهُ فَاحْذَرُوْا ؕ وَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ فِتْنَتَهٗ

لاءِ ڦٽڪن جي سزا جي) فتويٰ ڏني وڃي ته اها قبول ڪريو ۽ جيڪڏهن اها (فتويٰ) نه ڏني وڃي ته (سنگساريءَ جي

مع ٣ عند المتقدمين

فَلَنْ تَمْلِكَ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَمْ يُرِدِ

سزا کان) بچوءِ جنهن کي الله گمراھ ڪرڻ جو ارادو ڪري، تنهن کي الله کان بچائڻ لاءِ تون هرگز ڪو اختيار نه رکندين.

اللّٰهُ اَنْ يُّطَهِّرَ قُلُوْبَهُمْ ؕ لَهُمْ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ ۚۖ وَّ لَهُمْ فِي

اهي ئي ماڻهو آهن، جن جي دلين کي الله تعاليٰ، پاڪ ڪرڻ نٿو گهري. سندن لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ سندن لاءِ

الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٤١﴾ سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ اَكّٰلُوْنَ لِلسُّحْتِ ؕ

آخرت ۾ وڏو عذاب آهي ﴿٤١﴾ ڪوڙ جا ٻڌندڙ آهن (۽ سندن علماءَ باطل فيصلي وسيلي) حرام (مال) جا کائيندڙ آهن.

فَاِنْ جَآءُوْكَ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ اَوْ اَعْرِضْ عَنْهُمْ ۚ وَاِنْ تُعْرِضْ

پوءِ جيڪڏهن تو وٽ اچن (ته توکي اختيار آهي ته) سندن وچ ۾ فيصلو ڪر يا انهن کان منهن موڙ ۽

عَنْهُمْ فَلَنْ يَّضُرُّوْكَ شَيْـًٔا ؕ وَاِنْ حَكَمْتَ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ

جيڪڏهن انهن کان منهن موڙيندين ته تو کي ڪجهه به نقصان پهچائي نه سگهندا ۽ جيڪڏهن فيصلو ڪرين ته

بِالْقِسْطِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ﴿٤٢﴾ وَكَيْفَ يُحَكِّمُوْنَكَ وَ

منجهن انصاف سان فيصلو ڪر. بيشڪ الله انصاف ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو ﴿٤٢﴾ ۽ ڪيئن تو کان فيصلو

عِنْدَهُمُ التَّوْرٰىةُ فِيْهَا حُكْمُ اللّٰهِ ثُمَّ يَتَوَلَّوْنَ مِنْۢ بَعْدِ

ڪرائيندا؟ حالانڪ انهن وٽ توريت آهي، جنهن ۾ الله جو حڪم آهي. ان کان بعد به اهي منهن

ذٰلِكَ ؕ وَمَآ اُولٰٓئِكَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٣﴾ ع اِنَّآ اَنْزَلْنَا التَّوْرٰىةَ فِيْهَا

موڙين ٿا ۽ اهي ماڻهو مؤمن نه آهن ﴿٤٣﴾ تحقيق اسان توريت کي لاٿو، جنهن ۾ هدايت ۽ نور آهي. پيغمبرَ ۽

هُدًى وَّنُوْرٌ ۚ يَحْكُمُ بِهَا النَّبِيُّوْنَ الَّذِيْنَ اَسْلَمُوْا لِلَّذِيْنَ هَادُوْا

الله (جي معرفت) وارا ۽ عالمَ ان جي ذريعي فرمانبردار يهودين جا فيصلو ڪن ٿا (يعني) انهيءَ (قانون) مطابق

وَالرَّبّٰنِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ بِمَا اسْتُحْفِظُوْا مِنْ كِتٰبِ اللّٰهِ وَكَانُوْا

جيڪو الله جي ڪتاب مان ڪين ياد ڪرايو ويو آهي ۽ اهي ان تي شاهد آهن. پوءِ (اي يهوديو! حضرت محمد ﷺ

عَلَيْهِ شُهَدَآءَ ۚ فَلَا تَخْشَوُا النَّاسَ وَاخْشَوْنِ وَلَا تَشْتَرُوْا

جن جي صفتن ڪي ظاهر ڪرڻ بابت) ماڻهن کان نه ڊڄو ۽ مون کان ئي ڊڄو (جو آءٌ ئي الله آهيان.) ۽ منهنجين

بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ

آيتن جي بدلي ۾ تورو ملھ خريد نه ڪريو ۽ جيڪي ماڻهو الله جي نازل ڪيل (ڪتاب) مطابق فيصلو نٿا ڪن

هُمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۴۴﴾ وَكَتَبْنَا عَلَيْهِمْ فِيْهَآ اَنَّ النَّفْسَ بِالنَّفْسِ ۙ

ته اهي ئي ڪافر آهن ﴿۴۴﴾ ۽ اسان مٿن انهيءَ (توريت) ۾ فرض ڪري ڇڏيو هو ته جان جي بدلي ۾ جان ۽

وَالْعَيْنَ بِالْعَيْنِ وَالْاَنْفَ بِالْاَنْفِ وَالْاُذُنَ بِالْاُذُنِ وَالسِّنَّ

اک جي بدلي ۾ اک ۽ نڪ جي بدلي ۾ نڪ ۽ ڪَنَ جي بدلي ۾ ڪَنَ ۽ ڏند جي بدلي ۾ ڏند آهي ۽ ڦٽن

بِالسِّنِّ ۙ وَالْجُرُوْحَ قِصَاصٌ ؕ فَمَنْ تَصَدَّقَ بِهٖ فَهُوَ كَفَّارَةٌ

جو بہ بدلو آهي. پوءِ جيڪو شخص انهيءَ (بدلي وٺڻ) ڪي بخشي ڇڏيندو، تنهن لاءِ (اها بخشش) سندس گناهن جو

لَّهٗ ؕ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۴۵﴾

ڪفارو آهي ۽ جيڪي ماڻهو الله جي نازل ڪيل (ڪتاب) مطابق فيصلو نٿا ڪن ته اهي ئي ظالم آهن ﴿۴۵﴾

وَقَفَّيْنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ

۽ سندن پويان عيسيٰ پٽ مريم (عليهما السلام) ڪي موڪليوسون، جيڪو پاڻ کان اڳ (موسيٰ عليه السلام تي نازل

يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرٰىةِ ۪ وَاٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ فِيْهِ هُدًى وَّنُوْرٌ ۙ

ٿيل الله جي ڪتاب) توريت جي تصديق ڪندڙ هو ۽ کيس انجيل ڏنوسون، جنهن ۾ هدايت ۽ نور آهي

وَّمُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَهُدًى وَّمَوْعِظَةً

۽ (جيڪو) ان کان اڳ (نازل ٿيل ڪتاب يعني) توريت جي تصديق ڪندڙ ۽ پرهيزگارن لاءِ هدايت ۽

لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَلْيَحْكُمْ اَهْلُ الْاِنْجِيْلِ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فِيْهِ

نصيحت (جو ڪتاب) هو ﴿٤٦﴾ ۽ انجيل وارن کي انهن (حڪمن) مطابق فيصلو ڪرڻ گهرجي، جيڪي الله ان ۾ نازل

وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَ

فرمايا آهن ۽ جيڪي ماڻهو الله جي نازل ڪيل (ڪتاب) مطابق فيصلو نٿا ڪن ته اهي ئي فاسق آهن ﴿٤٧﴾ ۽

اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ

(اي محمد ﷺ!) اسان توڏانهن قرآن کي حق سان لاٿو، جيڪو اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ ۽ مٿن نگهبان آهي،

الْكِتٰبِ وَمُهَيْمِنًا عَلَيْهِ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ

پوءِ الله جي نازل ڪيل ڪتاب مطابق منجهن فيصلو ڪر ۽ پاڻ وٽ حقّ جي اچڻ کان پوءِ سندن خواهشن جي پيروي نه

وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ عَمَّا جَآءَكَ مِنَ الْحَقِّ ؕ لِكُلٍّ جَعَلْنَا

ڪر (۽ اي موسيٰ عليه السلام، عيسيٰ عليه السلام ۽ محمد ﷺ جي امت!) توهان مان هر هڪ (امت) لاءِ اسان هڪ شريعت ۽ هڪ

مِنْكُمْ شِرْعَةً وَّمِنْهَاجًا ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً

واٽ مقرر ڪئي آهي ۽ جيڪڏهن الله چاهي ها ته توهان کي ضرور هڪ امت ڪري ها ۽ پر (الله گهري ٿو ته انهيءَ)

وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَآ اٰتٰىكُمْ فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ؕ

جيڪي ڪجهه توهان کي ڏنو آهي، تنهن ۾ توهان کي آزمائي، پوءِ نيڪين ۾ اڳرائي ڪريو. توهان سڀني کي الله

اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٤٨﴾

ڏانهن موٽڻو آهي، پوءِ جن ڳالهين ۾ توهان اختلاف ڪريو ٿا، تن جي باري ۾ (الله) توهان کي خبر ڏيندو ﴿٤٨﴾

وَاَنِ احْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ وَاحْذَرْهُمْ

۽ جيڪو (ڪتاب) الله لاٿو آهي، ان مطابق سندن وچ ۾ فيصلو ڪر ۽ سندن خواهشن جي پيروي نه ڪر ۽ انهن کان

اَنْ يَّفْتِنُوْكَ عَنْۢ بَعْضِ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكَ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمْ

هوشيار رهه، متان توکي بعض انهن (شرعي حڪمن) کان ٿيڙي وجهن، جيڪي الله تو ڏانهن لاٿا آهن. پوءِ

اَنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّصِيْبَهُمْ بِبَعْضِ ذُنُوْبِهِمْ ؕ وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ

جيڪڏهن پٺي ڦيرائين ته ڄاڻ ته الله سندن ڪن گناهن جي ڪري کين (عذاب) ڏيڻ گهري ٿو ۽ بيشڪ گهڻا ماڻهو

النَّاسِ لَفٰسِقُوْنَ ﴿٤٩﴾ اَفَحُكْمَ الْجَاهِلِيَّةِ يَبْغُوْنَ ؕ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ

(يعني يهودي) نافرمان آهن ﴿٤٩﴾ ڇا جاهليت جي حڪم جي تقاضا ڪن ٿا ۽ يقين رکندڙ قوم لاءِ حڪم جي لحاظ

اللّٰهِ حُكْمًا لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا

سان الله کان وڌيڪ ڪير چڱو آهي؟ ﴿٥٠﴾ اي ايمان وارو! توهان يهودين ۽ عيسائين کي پنهنجو دوست

الْيَهُوْدَ وَالنَّصٰرٰۤى اَوْلِيَآءَ ؔۘ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ وَمَنْ

نه بڻايو. اهي پاڻ ۾ ٿي هڪ ٻئي جا دوست آهن ۽ توهان مان جيڪو شخص انهن سان دوستي

يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاِنَّهٗ مِنْهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥١﴾

رکندو ته پوءِ بيشڪ اهو انهن مان ٿي آهي. بيشڪ الله ظالم قوم کي هدايت نه ڪندو آهي ﴿٥١﴾

فَتَرَى الَّذِيْنَ فِىْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يُّسَارِعُوْنَ فِيْهِمْ يَقُوْلُوْنَ نَخْشٰٓى

پوءِ جن ماڻهن جي دلين ۾ بيماري آهي،تن کي ڏسندين ته اهي (يهودين ۽ عيسائين) ڏانهن ڊڪ ڊوڙ رکن ٿا. چون

اَنْ تُصِيْبَنَا دَآئِرَةٌ ؕ فَعَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّاْتِىَ بِالْفَتْحِ اَوْ اَمْرٍ مِّنْ

ٿا ته اسان ڊڄون ٿا ته متان اسان کي زماني جو ڦيرو پهچي. پوءِ ويجهو آهي ته الله فتح يا پنهنجي طرفان ڪو

عِنْدِهٖ فَيُصْبِحُوْا عَلٰى مَآ اَسَرُّوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ نٰدِمِيْنَ ۝٥٢ وَيَقُوْلُ

حڪم آڻي، پوءِ اهي پنهنجين دلين ۾ جيڪي ڪجهه لڪائين ٿا، تنهن تي پشيمان ٿين ۝٥٢ ۽ (قيامت ۾)

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَهٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ

مؤمن چوندا ته ڇا هي آهن اُهي ماڻهو جيڪي (دنيا ۾) الله جا وڏا قسم کڻي چوندا هئا ته البت اسان توهان سان

اِنَّهُمْ لَمَعَكُمْ ؕ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَاَصْبَحُوْا خٰسِرِيْنَ ۝٥٣ يٰٓاَيُّهَا

گڏ آهيون، (پر اڄ سندن منافقت جي ڪري) سندن عمل ڇٽ ٿي ويا پوءِ نقصان پوڻ وارا ٿيا ۝٥٣ اي ايمان وارو!

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَنْ يَّرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَسَوْفَ يَاْتِي اللّٰهُ

جيڪو توهان مان پنهنجي دين کان ڦرندو ته سگهوئي الله تعاليٰ اهڙي قوم آڻيندو، جن کي پاڻ

بِقَوْمٍ يُّحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗٓ ۙ اَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اَعِزَّةٍ عَلَى

بہ پيارو رکندو ۽ اهي بہ کيس پيارو رکندا. مؤمنن لاءِ نوڙت ڪندڙ ۽ ڪافرن لاءِ سختي ڪندڙ هوندا.

الْكٰفِرِيْنَ ۫ يُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَآئِمٍ ؕ

الله تعاليٰ جي واٽ ۾ جهاد ڪندا ۽ ملامت ڪندڙ جي ملامت کان نہ ڊڄندا. اهو الله جو فضل آهي،

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ۝٥٤

جنهن کي گهري ٿو، تنهن کي پنهنجو فضل ڏئي ٿو ۽ الله ڪشادي (فضل وارو ۽) علم وارو آهي ۝٥٤

اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ

توهان جو دوست صرف الله ۽ سندس رسول (ﷺ) ۽ اهي ماڻهو آهن، جن ايمان آندو، (يعني اهي

الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ رٰكِعُوْنَ ۝٥٥ وَمَنْ يَّتَوَلَّ اللّٰهَ

مؤمن) جيڪي نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوٰة ڏين ٿا ۽ اهي رڪوع ڪندڙ آهن ۝٥٥ ۽ جيڪو شخص الله ۽ سندس رسول

وَرَسُوْلَهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَاِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٥٦﴾ ع

(ﷺ) ۽ ايمان وارن سان دوستي رکندو تہ (اهو الله جي جماعت مان آهي.) پوءِ بيشڪ الله جي جماعت ئي غالب

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَكُمْ

آهي ﴿٥٦﴾ اي ايمان وارو! جن ماڻهن کي توهان کان اڳ ڪتاب ڏنو ويو آهي، (يعني يهودي ۽ عيسائي)

هُزُوًا وَّلَعِبًا مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَالْكُفَّارَ

انهن مان جن توهان جي دين کي ٺٺوليون ۽ تماشو ڪري ورتو آهي، انهن کي ۽ ڪافرن

اَوْلِيَآءَ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٥٧﴾ وَاِذَا نَادَيْتُمْ

کي پنهنجو دوست نہ بڻايو ۽ الله کان ڊڄو جيڪڏهن توهين مؤمن آهيو ﴿٥٧﴾ ۽ جڏهن توهان نماز لاءِ اذان ڏيندا

اِلَى الصَّلٰوةِ اتَّخَذُوْهَا هُزُوًا وَّلَعِبًا ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ

آهيو تہ (اهي يهودي ۽ عيسائي) ان کي ٺٺوليون ۽ تماشو ڪري وٺندا آهن. اهو هن ڪري آهي جو اهي

لَّا يَعْقِلُوْنَ ﴿٥٨﴾ قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ هَلْ تَنْقِمُوْنَ مِنَّآ اِلَّآ

بي عقل ماڻهو آهن ﴿٥٨﴾ (اي پيغمبر ﷺ!) فرماءِ تہ اي ڪتاب وارو! توهان اسان کان صرف هن ڪري بدلو وٺو ٿا،

اَنْ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلُ ۙ وَ

جو اسان ايمان آندو الله تي ۽ انهيءَ (ڪتاب تي) جيڪو اسان ڏانهن لاٿو ويو ۽ جيڪي (ڪتاب ان کان) اڳ لاٿا ويا ۽

اَنَّ اَكْثَرَكُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٥٩﴾ قُلْ هَلْ اُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ ذٰلِكَ

هي تہ توهان مان گهڻا ماڻهو فاسق آهن ﴿٥٩﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ (اي يهوديو!) ڇا توهان کي الله وٽ ان کان وڌيڪ

مَثُوْبَةً عِنْدَ اللّٰهِ ۭ مَنْ لَّعَنَهُ اللّٰهُ وَغَضِبَ عَلَيْهِ وَجَعَلَ

بڇڙي عاقبت وارن جي باري ۾ خبر ڏيان ؟ اِهي اُهي ماڻهو آهن، جن تي الله لعنت ڪئي

مِنْهُمُ الْقِرَدَةَ وَالْخَنَازِيْرَ وَعَبَدَ الطَّاغُوْتَ ؕ اُولٰٓئِكَ

۽ مٿن ڏمر ڪيائين ۽ انهن مان ٻولڙا ۽ سوئر پيدا ڪيائين ۽ (جن) شيطان جي پوڄا ڪئي. اهي

شَرٌّ مَّكَانًا وَّاَضَلُّ عَنْ سَوَآءِ السَّبِيْلِ ﴿٦٠﴾ وَاِذَا جَآءُوْكُمْ

ٿي ماڻهو بڇڙي هنڌ (تي رهڻ) وارا ۽ سڌي واٽ کان گمراهه آهن ﴿٦٠﴾ ۽ جڏهن توهان وٽ اچن ٿا،

قَالُوْٓا اٰمَنَّا وَقَدْ دَّخَلُوْا بِالْكُفْرِ وَهُمْ قَدْ خَرَجُوْا بِهٖ ؕ

چون ٿا ته ايمان آندوسون ۽ بيشڪ اهي (اسلام ۾) ڪفر سان داخل ٿيا ۽ اهي ڪفر سان ئي (اسلام مان) نڪتا ۽ اهي

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا كَانُوْا يَكْتُمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَتَرٰى كَثِيْرًا مِّنْهُمْ يُسَارِعُوْنَ

جو ڪجھ لڪائين ٿا، تنهن کي الله چاڻندڙ آهي ﴿٦١﴾ ۽ انهن مان گھڻن کي ڏسندين ته گناهه ۽ حد کان لنگھڻ ۽

فِى الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَاَكْلِهِمُ السُّحْتَ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٢﴾

پنهنجي حرام خوري (يعني رشوت کائڻ) ۾ جلدي ڪن ٿا. اهي جو ڪجھ ڪن ٿا، سو ڏاڍو بڇڙو ڪم آهي ﴿٦٢﴾

لَوْلَا يَنْهٰىهُمُ الرَّبّٰنِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ عَنْ قَوْلِهِمُ الْاِثْمَ وَاَكْلِهِمُ

ڇونه انهن کي الله (جي معرفت رکڻ) وارن ۽ عالمن سندن ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ سندن حرام خوريءَ کان روڪيو ؟ جو

السُّحْتَ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ ﴿٦٣﴾ وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ يَدُ اللّٰهِ

ڪجھ اهي ڪن ٿا، سو يقينًا انتهائي بڇڙو ڪم آهي ﴿٦٣﴾ ۽ يهودين چيو ته الله جو هٿ ٻَڌلُ آهي، سندن ئي

مَغْلُوْلَةٌ ؕ غُلَّتْ اَيْدِيْهِمْ وَلُعِنُوْا بِمَا قَالُوْا ۘ بَلْ يَدٰهُ مَبْسُوْطَتٰنِ ۙ

هٿ ٻَڌلَ آهن ۽ جو ڪجھ انهن چيو، ان جي بدلي ۾ مٿن لعنت ڪئي وئي، بلڪ الله جا هٿ کليل آهن،

وقف لازم

يُنْفِقُ كَيْفَ يَشَآءُ ؕ وَلَيَزِيْدَنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ

جيئن گھري ٿو، خرچ ڪري ٿو ۽ ضرور (هي قرآن) جيڪو توڏانهن تنهنجي ربّ طرفان نازل ڪيو ويو

مِنْ رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَّ كُفْرًا ؕ وَ اَلْقَيْنَا بَيْنَهُمُ الْعَدَاوَةَ وَ الْبَغْضَآءَ

آهي، انهن (يهودين) مان گهڻن کي نافرمانيءَ ۾ ۽ ڪفر ۾ وڌائيندو ۽ اسان منجهن دشمني ۽ بغض وجهي

اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ؕ كُلَّمَآ اَوْقَدُوْا نَارًا لِّلْحَرْبِ اَطْفَاَهَا اللّٰهُ ۙ وَ

ڇڏيو آهي. جڏهن به اهي جنگ جي باهه ڀڙڪائيندا آهن، الله تعاليٰ ان کي وسائي ڇڏيندو آهي

يَسْعَوْنَ فِى الْاَرْضِ فَسَادًا ؕ وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٦٤﴾ وَلَوْ

۽ (هميشه اهي يهودي) زمين ۾ فساد وجهندا رهندا آهن ۽ الله فسادين کي دوست نٿو رکي ﴿٦٤﴾ ۽ جيڪڏهن ڪتاب

اَنَّ اَهْلَ الْكِتٰبِ اٰمَنُوْا وَ اتَّقَوْا لَكَفَّرْنَا عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ

وارا (يعني يهودي ۽ عيسائي (حضرت محمد ﷺ جن تي) ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگاري ڪن ها ته البت سندن گناه مٽايون

وَلَاَدْخَلْنٰهُمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٦٥﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ اَقَامُوا التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ

ها ۽ کين نعمتن وارن باغن ۾ داخل ڪريون ها ﴿٦٥﴾ ۽ جيڪڏهن توريت ۽ انجيل ۽ جيڪي انهن ڏانهن سندن ربّ جي طرفان

وَ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ مِّنْ رَّبِّهِمْ لَاَكَلُوْا مِنْ فَوْقِهِمْ وَ مِنْ تَحْتِ

لاٿو ويو آهي، ان تي قائم رهن ها ته البت پنهنجي مٿان (يعني برسات وسيلي) ۽ پنهنجي پيرن جي هيٺان (يعني

اَرْجُلِهِمْ ؕ مِنْهُمْ اُمَّةٌ مُّقْتَصِدَةٌ ؕ وَ كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ سَآءَ مَا

زمين جي پيداوار مان روزي) کائن ها. انهن مان هڪڙي ٽولي وچٽري واٽ تي هلندڙ (يعني ايمان آڻيندڙ) آهي ۽ انهن

يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٦﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ؕ وَ ع ٩ ١٠ ١٣

مان گهڻا بڇڙا ڪم ڪن ٿا ﴿٦٦﴾ اي (محترم) رسول (ﷺ)! تو ڏانهن تنهنجي ربّ جي طرفان جيڪو (قرآن) نازل ڪيو ويو

اِنْ لَّمْ تَفْعَلْ فَمَا بَلَّغْتَ رِسَالَتَهٗ ؕ وَاللّٰهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ ؕ

آهي، ان کي (ماڻهن تائين) پهچاءِ ۽ جيڪڏهن ائين نه ڪنديئن ته تو سندس پيغام نه پهچايو ۽ الله تو کي

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٧﴾ قُلْ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لَسْتُمْ

ماڻهن کان بچائيندو. بيشڪ الله ڪافر قوم کي هدايت نٿو ڪري ﴿٦٧﴾ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) ڪين فرماءِ ته اي ڪتاب وارو! توهان

عَلٰى شَىْءٍ حَتّٰى تُقِيْمُوا التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ

ڪنهن شيءِ تي نه آهيو، تانجو توريت ۽ انجيل کي قائم ڪريو ۽ توهان ڏانهن (حضرت محمد ﷺ جن جي صفتن جي

مِّنْ رَّبِّكُمْ ط وَلَيَزِيْدَنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ

باري ۾) جيڪي ڪجھ لاٿو ويو آهي (تنهن کي مڃيو) ۽ تنهنجي ربّ جي طرفان جيڪي ڪجھ تو ڏانهن لاٿو ويو آهي،

رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ج فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٨﴾

سو ضرور انهن (يهودين) مان گھڻن کي نافرماني ۽ ڪفر ۾ وڌائيندو، پوءِ ڪافر قوم تي افسوس نه ڪر ﴿٦٨﴾

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَادُوْا وَالصّٰبِئُوْنَ وَالنَّصٰرٰى مَنْ

بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جيڪي يهودي ٿيا ۽ (جيڪي) صابئي آهن (يعني جيڪي پنهنجي دين کي

اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ

بدلائي ٻئي دين ۾ آيا) ۽ عيسائي (انهن مان) جنهن به الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون،

وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٩﴾ لَقَدْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِىْۤ اِسْرَآءِيْلَ وَ

انهن تي نه ڪو خوف آهي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا ﴿٦٩﴾ بيشڪ اسان بني اسرائيل کان وعدو ورتو ۽ انهن ڏانهن

اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمْ رُسُلًا ط كُلَّمَا جَآءَهُمْ رَسُوْلٌۢ بِمَا لَا تَهْوٰٓى

ڪيترائي رسول موڪلياسون. جڏهن به وٽن ڪنهن رسول اهڙي شيءِ آندي، جنهن کي سندن نفسن پسند نه ڪيو ته

اَنْفُسُهُمْ لا فَرِيْقًا كَذَّبُوْا وَفَرِيْقًا يَّقْتُلُوْنَ ﴿٧٠﴾ ق وَحَسِبُوْٓا اَلَّا

انهن (پيغمبرن جي) هڪڙي ٽوليءَ کي ڪوڙو ڪيو ۽ هڪڙي ٽوليءَ کي قتل ڪن ٿا ﴿٧٠﴾ ۽ انهن ڀانيو ته (سندن

تَكُوْنَ فِتْنَةٌ فَعَمُوْا وَ صَمُّوْا ثُمَّ تَابَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ثُمَّ

ڪفر ۽ نبين سڳورن جي قتل ۽ ڪين ڪوڙي ڪرڻ سبب سندن) ڪا آزمائش ٿيڻي نه آهي (۽ ڪين ڪا سزا ملڻي نه

عَمُوْا وَ صَمُّوْا كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ ط وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٧١﴾

آهي) پوءِ (هدايت ڪان) انڌا ۽ ٻوڙا ٿيا. پوءِ الله (حضرت محمد ﷺ جن کي موڪلي) مٿن توبه جو دروازو کوليو،
پوءِ انهن مان گهڻا (حقّ کي قبول ڪرڻ ڪان) انڌا ۽ ٻوڙا ٿيا ۽ جيڪي ڪجهه ڪن ٿا، تنهن کي الله ڏسندڙ آهي ﴿٧١﴾

لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ ط

بيشڪ اهي ماڻهو ڪافر ٿيا، جن چيو ته مسيح پٽ مريم ئي الله آهي ۽ مسيح (عليه السلام) چيو هو ته اي

وَقَالَ الْمَسِيْحُ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اعْبُدُوا اللّٰهَ رَبِّيْ وَ رَبَّكُمْ ط

بني اسرائيل! (اڪيلي) الله جي عبادت ڪريو، جيڪو منهنجو به ربّ آهي ۽ توهان جو به ربّ آهي.

اِنَّهٗ مَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدْ حَرَّمَ اللّٰهُ عَلَيْهِ الْجَنَّةَ وَ مَاْوٰىهُ

بيشڪ جيڪو الله سان شرڪ ڪندو، ته بيشڪ الله ان تي جنت کي حرام ڪري ڇڏيو آهي ۽ سندن

النَّارُ ط وَ مَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿٧٢﴾ لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ

موٽڻ جي جاءِ دوزخ آهي ۽ ظالمن جو ڪو مددگار نه آهي ﴿٧٢﴾ تحقيق انهن ماڻهن ڪفر ڪيو، جن چيو ته بيشڪ الله

قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ ثَالِثُ ثَلٰثَةٍ م وَمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّآ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ط وقف لازم

ٽن مان ٽيون آهي (يعني ٽي خدا آهن: الله تعاليٰ ، عيسيٰ عليه السلام ۽ سندس والده سڳوري) ۽ هڪ الله ڪان سواءِ ڪو

وَاِنْ لَّمْ يَنْتَهُوْا عَمَّا يَقُوْلُوْنَ لَيَمَسَّنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ

معبود نه آهي ۽ جيڪڏهن پنهنجي چيل ڳالهه ڪان باز نه آيا ته انهن مان، انهن ماڻهن کي ضرور ڏکوئيندڙ عذاب

عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٣﴾ اَفَلَا يَتُوْبُوْنَ اِلَى اللّٰهِ وَ يَسْتَغْفِرُوْنَهٗ ط

پهچندو، جن (الله جي وحدانيت جو) ڪفر ڪيو ﴿٧٣﴾ ڇا پوءِ الله وٽ توبه نٿا ڪن ۽ ان ڪان گناهن جي بخشش نٿا

وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٧٤﴾ مَا الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ اِلَّا رَسُوْلٌ ۚ

گهرن ۽ الله مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿٧٤﴾ مسيح پٽ مريم (عليه السلام) ته رڳو هڪ رسول آهي. ان کان اڳ ۾

قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ ؕ وَ اُمُّهٗ صِدِّيْقَةٌ ؕ كَانَا يَاْكُلٰنِ

رسولَ گذري چڪا آهن، سندس ماءُ هڪ سچي عورت هئي. ٻئي ڄڻا کاڌو کائيندا هئا. (اي مُحَمَّد ﷺ!) ڏس

الطَّعَامَ ؕ اُنْظُرْ كَيْفَ نُبَيِّنُ لَهُمُ الْاٰيٰتِ ثُمَّ انْظُرْ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٧٥﴾

ته سندن لاءِ ڪيئن نشانيون کولي بيان ڪريون ٿا، پوءِ ڏس ته ڪيڏانهن ابتا ڦيرايا (۽ ڀٽڪايا) وڃن ٿا ؟ ﴿٧٥﴾

قُلْ اَتَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَّ لَا

(اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته ڇا توهان الله کان سواءِ انهن جي عبادت ڪريو ٿا، جيڪي نه توهان جي ڪنهن نقصان جا

نَفْعًا ؕ وَ اللّٰهُ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٧٦﴾ قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ

مالڪ آهن ۽ نه ڪنهن فائدي جا (مالڪ آهن) ۽ الله ئي ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿٧٦﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته اي ڪتاب وارو!

لَا تَغْلُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ غَيْرَ الْحَقِّ وَ لَا تَتَّبِعُوْٓا اَهْوَآءَ قَوْمٍ

(يعني اي يهوديو! ۽ اي عيسائيو!) پنهنجي دين ۾ ناحق وڌاءُ نه ڪريو ۽ انهيءَ قوم جي پيروي نه ڪريو،

قَدْ ضَلُّوْا مِنْ قَبْلُ وَ اَضَلُّوْا كَثِيْرًا وَّ ضَلُّوْا عَنْ سَوَآءِ

جيڪي هن کان اڳ گمراه ٿي چڪا آهن ۽ انهن گهڻن کي گمراه ڪيو ۽ (اهي پاڻ به) سڌي واٽ کان گمراه ٿي

ع ١٠ ١١ ١٤ السَّبِيْلِ ﴿٧٧﴾ ۧ لُعِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى لِسَانِ

ويا ﴿٧٧﴾ بني اسرائيل مان جيڪي ڪافر ٿيا (يعني ڇنڇر جي ڏينهن وارا، يا جن آسمان تان دسترخوان لاهڻ جو مطالبو

دَاوٗدَ وَ عِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّ كَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿٧٨﴾

ڪيو)، تن تي دائود ۽ عيسيٰ پٽ مريم جي زباني لعنت ڪئي وئي، ڇاڪاڻ ته نافرماني ڪندا ۽ حد کان لنگهندا هئا ﴿٧٨﴾

كَانُوْا لَا يَتَنَاهَوْنَ عَنْ مُّنْكَرٍ فَعَلُوْهُ ؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا

جيڪي خراب ڪم ڪندا هئا، انهن کان هڪ ٻئي کي نه روڪيندا هئا. جيڪي ڪم اهي ڪندا هئا، اهي ڏاڍا

يَفْعَلُوْنَ ﴿٧٩﴾ تَرٰى كَثِيْرًا مِّنْهُمْ يَتَوَلَّوْنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ لَبِئْسَ

بڇڙا هئا ﴿٧٩﴾ انهن (يهودين مان) گهڻن کي ڏسندين ته (مڪي جي) ڪافرن سان دوستي رکن ٿا.

مَا قَدَّمَتْ لَهُمْ اَنْفُسُهُمْ اَنْ سَخِطَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَ فِي

انهن پنهنجي لاءِ جيڪي ڪجهه اڳتي موڪليو آهي، اهو ڏاڍو بڇڙو آهي جو الله مٿن ناراض ٿيو ۽

الْعَذَابِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿٨٠﴾ وَلَوْ كَانُوْا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالنَّبِيِّ وَمَآ

اهي سدائين عذاب ۾ رهڻ وارا آهن ﴿٨٠﴾ ۽ جيڪڏهن اهي الله تعاليٰ ۽ نبي (ڪريم ﷺ جن) ۽ انهيءَ ڪتاب

اُنْزِلَ اِلَيْهِ مَا اتَّخَذُوْهُمْ اَوْلِيَآءَ وَلٰكِنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ

(يعني قرآن) تي ايمان آڻين ها، جيڪو ان ڏانهن لاٿو ويو آهي ته ڪافرن کي دوست نه بڻائين ها ۽ پر انهن مان

فٰسِقُوْنَ ﴿٨١﴾ لَتَجِدَنَّ اَشَدَّ النَّاسِ عَدَاوَةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا

گهڻا نافرمان آهن ﴿٨١﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) البت ضرور ماڻهن مان يهودين ۽ مشرڪن کي ايمان وارن جو سڀ

الْيَهُوْدَ وَالَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚ وَلَتَجِدَنَّ اَقْرَبَهُمْ مَّوَدَّةً لِّلَّذِيْنَ

کان وڌيڪ سخت دشمن لهندين ۽ البت ضرور مؤمنن لاءِ وڌيڪ ويجهو دوست انهن ماڻهن کي لهندين،

اٰمَنُوا الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰى ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّ مِنْهُمْ قِسِّيْسِيْنَ

جيڪي چون ٿا ته اسين عيسائي آهيون، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ ڪي عالم آهن ۽ ڪي درويش ۽ پڻ هن ڪري به (اهي

وَ رُهْبَانًا وَّ اَنَّهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٨٢﴾

مسلمانن کي ويجها آهن) ته اهي وڏائي نٿا ڪن ﴿٨٢﴾

وَاِذَا سَمِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَى الرَّسُوْلِ تَرٰٓى اَعْيُنَهُمْ تَفِيْضُ مِنَ

۽ جڏهن (قرآن) ٻڌن ٿا، جيڪو رسول (الله ﷺ جن) ڏانهن لاٿو ويو آهي ته حق کي سڃاڻڻ سبب سندن اکين کي

الدَّمْعِ مِمَّا عَرَفُوْا مِنَ الْحَقِّ ۚ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاكْتُبْنَا مَعَ

لڙڪ ڳاڙيندي ڏسين ٿو . چون ٿا ته ربّ اسان جا ! ايمان آندوسون، پوءِ اسان کي شاهدن (يعني امت محمديه ﷺ)

الشّٰهِدِيْنَ ﴿٨٣﴾ وَمَا لَنَا لَا نُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَمَا جَآءَنَا مِنَ الْحَقِّ ۙ وَنَطْمَعُ

مان لک ﴿٨٣﴾ ۽ اسان ڇو الله ۽ سندس طرفان آيل حقّ (يعني قرآن) تي ايمان نه آڻيون ۽ اميد رکون ٿا ته اسان کي اسان جو

اَنْ يُّدْخِلَنَا رَبُّنَا مَعَ الْقَوْمِ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٨٤﴾ فَاَثَابَهُمُ اللّٰهُ بِمَا قَالُوْا

ربّ نيڪن (يعني امت محمديه ﷺ سان گڏ جنت) ۾ داخل فرمائيندو ﴿٨٤﴾ پوءِ سندن انهيءَ چوڻ سبب الله کين

جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ وَذٰلِكَ جَزَآءُ

جنتون عطا فرمايون، جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. منجهن سدائين رهندڙ آهن ۽ اهوئي نيڪي ڪندڙن جو

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٨٥﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿٨٦﴾ ع

بدلو آهي ﴿٨٥﴾ ۽ جيڪي ماڻهو ڪافر ٿيا ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيائون، اهي ئي دوزخي آهن ﴿٨٦﴾

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا

اي ايمان وارو! حرام نه ڪريو پاڪ شين (يعني جائز ڪاڌن ۽ نڪاح) کي، جيڪي الله توهان لاءِ حلال ڪيون آهن ۽ حد کان

تَعْتَدُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا

نه لنگهو، بيشڪ الله حد کان لنگهندڙن کي پسند نٿو ڪري ﴿٨٧﴾ ۽ جيڪا حلال، پاڪ روزي الله تعاليٰ توهان کي ڏني

طَيِّبًا ۠ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾ لَا يُؤَاخِذُكُمُ

آهي، تنهن مان کائو ۽ الله کان ڊڄو، جنهن تي توهان ايمان رکندڙ آهيو ﴿٨٨﴾ الله توهان جي اجاين قسمن تي توهان

اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا عَقَّدْتُّمُ

ڪي نه پڪڙيندو، پر توهان کي انهن قسمن تي پڪڙيندو، جيڪي توهان پڪي نيّت سان ڪٽو ٿا. پوءِ (جيڪڏهن

الْاَيْمَانَ ۚ فَكَفَّارَتُهٗٓ اِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسٰكِيْنَ مِنْ اَوْسَطِ

توهان قسم ٽوڙيو ته) ان جو ڪفّارو ڏهن مسڪينن کي کاڌو کارائڻ آهي وچولو کاڌو کارائڻ، جيڪو کاڌو توهان

مَا تُطْعِمُوْنَ اَهْلِيْكُمْ اَوْ كِسْوَتُهُمْ اَوْ تَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ ۭ فَمَنْ لَّمْ

پنهنجن گهر وارن کي کارايو ٿا، يا کين ڪپڙا پارائڻ آهي، يا هڪ (مؤمن) ٻانهو آزاد ڪرڻ آهي، پوءِ جيڪو (ٻانهو) نه

يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ ۭ ذٰلِكَ كَفَّارَةُ اَيْمَانِكُمْ اِذَا حَلَفْتُمْ ۭ

لهي، ان تي ٽن ڏينهن جا روزا آهن. اهو توهان جي قسمن جو ڪفّارو آهي، جڏهن قسم کڻي (پوءِ ان کي

وَاحْفَظُوْٓا اَيْمَانَكُمْ ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ

ٽوڙيو) ۽ پنهنجن قسمن جي حفاظت ڪريو. اهڙي طرح الله تعاليٰ توهان لاءِ پنهنجيون آيتون روشن ڪري ٿو ته مَنَ

تَشْكُرُوْنَ ﴿٨٩﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَالْمَيْسِرُ

توهان شڪرگذار ٿيو ﴿٨٩﴾ اي ايمان وارو! دراصل شراب ۽ جوا ۽ پوڄا جا آستانا ۽ ڍارا (اهي سڀ ڪم)

وَالْاَنْصَابُ وَالْاَزْلَامُ رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ

ناپاڪ شيطاني عمل آهن. پوءِ انهن کان پاڻ کي بچايو، مَنَ توهان ڪاميابي

لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٩٠﴾ اِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ

حاصل ڪريو ﴿٩٠﴾ دراصل شيطان چاهي ٿو ته توهان جي اندر شراب ۽ جوا جي ذريعي دشمني ۽

وَالْبَغْضَاۗءَ فِي الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ وَيَصُدَّكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَعَنِ

بغض وجهي ۽ توهان کي الله تعاليٰ جي يادگيريءَ ۽ نماز کان روڪي، ڇا پوءِ توهان باز اچڻ وارا آهيو؟

الصَّلٰوةِ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّنْتَهُوْنَ ﴿٩١﴾ وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوا

(يعني انهن خراب ڪمن کان باز اچو.) ﴿٩١﴾ ۽ تابعداري ڪريو الله جي ۽ تابعداري ڪريو رسول (الله ﷺ) جي ۽ (رو ڪيل

الرَّسُوْلَ وَاحْذَرُوْا ۚ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا عَلٰى رَسُوْلِنَا

ڪمن کان) پاسو ڪريو، پوءِ جيڪڏهن توهان منهن موڙيندا تہ پوءِ ڄاڻو تہ اسان جي رسول (ﷺ جن) تي رڳو پڌرو

الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٩٢﴾ لَيْسَ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جُنَاحٌ

پيغام پهچائڻ آهي﴿٩٢﴾ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون (تن شراب ۽ جوا جي حرام ٿيڻ کان اڳ) جو ڪجهہ چکيو،

فِيْمَا طَعِمُوْٓا اِذَا مَا اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا

تنهن جو مٿن گناهہ نہ آهي، جڏهن (حرام ٿيڻ کان پوءِ) بچن ۽ ايمان آڻين ۽ چڱا ڪم ڪن، پوءِ پرهيز ڪن ۽ ايمان آڻين، پوءِ

ثُمَّ اتَّقَوْا وَّ اَحْسَنُوْا ۗ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٩٣﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ ١٢ ع ٢

پرهيز ڪن ۽ چڱائي ڪن (يعني تقويٰ تي هميشگي ڪن.) ۽ الله نيڪي ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو ﴿٩٣﴾ اي ايمان وارو! ضرور

اٰمَنُوْا لَيَبْلُوَنَّكُمُ اللّٰهُ بِشَيْءٍ مِّنَ الصَّيْدِ تَنَالُهٗٓ اَيْدِيْكُمْ وَرِمَاحُكُمْ

الله توهان کي (صلح حديبيه واري سال) شڪار جي باري ۾ ڪجهہ آزمائيندو، يعني جنهن (شڪار) تائين توهان جا هٿ ۽

لِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ يَّخَافُهٗ بِالْغَيْبِ ۚ فَمَنِ اعْتَدٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ

توهان جا تير پهچن، جيئن الله ڄاڻي تہ ڪير ان کان اڻ ڏٺي ڊڄي ٿو. پوءِ جيڪو شخص ان کان بعد حد کان لنگهندو تنهن

اَلِيْمٌ ﴿٩٤﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْتُلُوا الصَّيْدَ وَ اَنْتُمْ حُرُمٌ ۗ وَمَنْ

لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي﴿٩٤﴾ اي ايمان وارو! احرام جي حالت ۾ شڪار نہ ڪريو ۽ توهان مان جنهن ڄاڻي واڻي شڪار ڪيو تہ

قَتَلَهٗ مِنْكُمْ مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآءٌ مِّثْلُ مَا قَتَلَ مِنَ النَّعَمِ يَحْكُمُ بِهٖ ذَوَا

ان جو بدلو اهڙوئي جانور آهي، جهڙو شڪار ڪيو اٿس، جنهن جو فيصلو توهان (جي دين کي مڃيندڙن) مان بہ انصاف

عَدْلٍ مِّنْكُمْ هَدْيًا بٰلِغَ الْكَعْبَةِ اَوْ كَفَّارَةٌ طَعَامُ مَسٰكِيْنَ اَوْ عَدْلُ

وارا ماڻهو ڪن (اهڙي) قرباني ڪعبت الله شريف پهچائجي، يا مسڪينن کي کاڌو کارائڻ جو ڪفّارو آهي، يا ان جي

ذٰلِكَ صِيَامًا لِّيَذُوْقَ وَبَالَ اَمْرِهٖ ؕ عَفَا اللّٰهُ عَمَّا سَلَفَ ؕ وَمَنْ عَادَ

برابر روزا آهن، جيئن پنهنجي ڪم جي سزا چکي. جو ٿي گذريو، تنهن کي الله معاف فرمايو ۽ جيڪو وري ساڳيو ڪم

فَيَنْتَقِمُ اللّٰهُ مِنْهُ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ﴿٩٥﴾ اُحِلَّ لَكُمْ صَيْدُ

ڪندو، تنهن کان الله بدلو وٺندو ۽ الله غالب بدلو وٺندڙ آهي ﴿٩٥﴾ (احرام ۾ يا احرام کان ٻاهر) توهان لاءِ سامونڊي

الْبَحْرِ وَطَعَامُهٗ مَتَاعًا لَّكُمْ وَلِلسَّيَّارَةِ ۚ وَحُرِّمَ عَلَيْكُمْ صَيْدُ الْبَرِّ

شڪار ۽ ان جو کاڌو حلال ڪيو ويو آهي، اهو توهان لاءِ ۽ مسافرن لاءِ نفعي جو سامان آهي ۽ توهان لاءِ جهنگلي شڪار

مَا دُمْتُمْ حُرُمًا ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٩٦﴾ جَعَلَ

حرام ڪيو ويو آهي، جيستائين احرام ۾ آهيو ۽ الله کان ڊڄو، جنهن ڏانهن توهان کي گڏ ڪيو ويندو ﴿٩٦﴾ الله تعاليٰ عزت

اللّٰهُ الْكَعْبَةَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ قِيٰمًا لِّلنَّاسِ وَالشَّهْرَ الْحَرَامَ

واري گهر، ڪعبت الله ۽ عزت وارن مهينن ۽ قربانيءَ جي جانورن ۽ انهن جانورن کي، جن جي ڳچين ۾ ٽوڙها

وَالْهَدْيَ وَالْقَلَآئِدَ ؕ ذٰلِكَ لِتَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي

هجن، ماڻهن جي قيام جو ذريعو بڻايو آهي. اهو هن ڪري آهي ته توهان ڄاڻو ته جيڪي ڪجھ آسمانن ۾ آهي

السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ وَاَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٩٧﴾ اِعْلَمُوْٓا

۽ جيڪي ڪجھ زمين ۾ آهي، الله (سڀ) ڄاڻي ٿو ۽ هيءُ ته الله تعاليٰ هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ﴿٩٧﴾ ڄاڻو ته

اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ وَاَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩٨﴾ مَا عَلَى الرَّسُوْلِ

الله سخت عذاب ڪندڙ آهي ۽ هي ته الله بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ﴿٩٨﴾ پيغمبر (ﷺ) تي رڳو (الله جو پيغام پهچائڻ

اِلَّا الۡبَلٰغُ ؕ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ مَا تُبۡدُوۡنَ وَمَا تَكۡتُمُوۡنَ ﴿٩٩﴾ قُلۡ لَّا يَسۡتَوِى

آهي ۽ توهان جيڪي ڪجھ ظاهر ڪريو ٿا ۽ جيڪي ڪجھ لڪايو ٿا، الله سڀ ڄاڻي ٿو ﴿٩٩﴾ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ تہ ناپاڪ ۽

الۡخَبِيۡثُ وَالطَّيِّبُ وَلَوۡ اَعۡجَبَكَ كَثۡرَةُ الۡخَبِيۡثِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰۤاُولِى

پاڪ (۽ حلال ۽ حرام) شيون برابر نہ هونديون آهن، جيتوڻيڪ توکي ناپاڪ شيءِ جي گهڻائي وڻي. پوءِ اي عقلمندو!

الۡاَلۡبَابِ لَعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ ﴿١٠٠﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَسۡـَٔلُوۡا عَنۡ ع ١٣/٢

الله کان ڊڄو، مَنَ توهان ڪامياب ٿيو ﴿١٠٠﴾ اي ايمان وارو! انهن شين جي باري ۾ نہ پڇو، جيڪڏهن (انهن جي حقيقت)

اَشۡيَآءَ اِنۡ تُبۡدَ لَكُمۡ تَسُؤۡكُمۡ ۚ وَاِنۡ تَسۡـَٔلُوۡا عَنۡهَا حِيۡنَ يُنَزَّلُ

توهان تي ظاهر ڪجي تہ توهان کي رنج رَسي ۽ جڏهن قرآن لاٿو وڃي ٿو، جيڪڏهن ان وقت انهن جي باري ۾ پڇندا تہ

الۡقُرۡاٰنُ تُبۡدَ لَكُمۡ ؕ عَفَا اللّٰهُ عَنۡهَا ؕ وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ حَلِيۡمٌ ﴿١٠١﴾ قَدۡ سَاَلَهَا

اهي توهان تي ظاهر ڪيون وينديون. جيڪي گذريو سو الله معاف ڪيو ۽ الله بخشڻهار بردبار آهي ﴿١٠١﴾ بيشڪ اهي

قَوۡمٌ مِّنۡ قَبۡلِكُمۡ ثُمَّ اَصۡبَحُوۡا بِهَا كٰفِرِيۡنَ ﴿١٠٢﴾ مَا جَعَلَ اللّٰهُ مِنۡۢ

ڳالهيون توهان کان اڳ هڪ قوم پڇيون، پوءِ (سمجهاڻ تي) ڦري انهن جا انڪاري ٿيا ﴿١٠٢﴾ الله بحيرة ۽ سائبة ۽ وصيلة

بَحِيۡرَةٍ وَّلَا سَآئِبَةٍ وَّلَا وَصِيۡلَةٍ وَّلَا حَامٍ ۙ وَّلٰكِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا

۽ حام (جانورن جي حرمت جي باري ۾ ڪافرن جون بدعتون) واجب نہ ڪيون آهن ۽ پر ڪافر (انهن جانورن

يَفۡتَرُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ الۡكَذِبَ ؕ وَاَكۡثَرُهُمۡ لَا يَعۡقِلُوۡنَ ﴿١٠٣﴾ وَاِذَا

جي تعظيم جي باري ۾) الله تعالیٰ تي ڪوڙو بهتان هڻن ٿا ۽ انهن مان گهڻا عقل نٿا رکن ﴿١٠٣﴾ ۽ جڏهن کين چئجي ٿو تہ

قِيۡلَ لَهُمۡ تَعَالَوۡا اِلٰى مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ وَاِلَى الرَّسُوۡلِ قَالُوۡا حَسۡبُنَا

(انهن جانورن جي حلال هجڻ جي باري ۾) الله جي لاٿل حڪم ۽ رسول (الله ﷺ جن جي فرمان) ڏانهن اچو، چون ٿا تہ

مَا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَوَلَوْ كَانَ اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ شَيْـًٔا

اسان جنهن طريقي تي پنهنجن ابن ڏاڏن کي لڌو، سو اسان لاءِ ڪافي آهي. ڇا جيتوڻيڪ سندن ابا ڏاڏا ڪا شيءِ نه

وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ﴿١٠٤﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلَيْكُمْ اَنْفُسَكُمْ ۚ لَا يَضُرُّكُمْ

ڄاڻن ۽ هدايت تي نه هجن؟ ﴿١٠٤﴾ اي ايمان وارو! پنهنجو فڪر ڪريو، جڏهن توهان هدايت تي آهيو ته (ڪتاب وارن مان) اهي

مَّنْ ضَلَّ اِذَا اهْتَدَيْتُمْ ؕ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا

ماڻهو توهان کي نقصان پهچائي نه سگهندا، جيڪي گمراه ٿيا. توهان سڀني کي الله ڏانهن موٽڻو آهي، پوءِ توهان جيڪي

كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٠٥﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا شَهَادَةُ بَيْنِكُمْ اِذَا حَضَرَ

ڪم ڪريو ٿا، تن جي توهان کي خبر ڏيندو ﴿١٠٥﴾ اي ايمان وارو! جڏهن توهان مان ڪنهن تي موت اچي ته شاهديءَ (جو نصاب)

اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ حِيْنَ الْوَصِيَّةِ اثْنٰنِ ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ اَوْ

هي آهي ته وصيت وقت توهان (مسلمانن) مان يا ڌارين مان ٻه ڄڻا انصاف وارا هجن، جيڪڏهن توهان زمين ۾ سفر ڪريو، پوءِ

اٰخَرٰنِ مِنْ غَيْرِكُمْ اِنْ اَنْتُمْ ضَرَبْتُمْ فِى الْاَرْضِ فَاَصَابَتْكُمْ

توهان تي موت جي مصيبت اچي ته (وچين) نماز کان پوءِ ٻنهي کي روڪيو. جيڪڏهن توهان کي (سندن شاهديءَ ۾) شڪ

مُّصِيْبَةُ الْمَوْتِ ؕ تَحْبِسُوْنَهُمَا مِنْۢ بَعْدِ الصَّلٰوةِ فَيُقْسِمٰنِ بِاللّٰهِ اِنِ

هجي ته پوءِ (ٻئي) الله جو قسم کڻي چون ته اسين شاهدي جي بدلي ۾ ڪا قيمت نه وٺنداسون، جيتوڻيڪ اسان جو ويجهو مٽ

ارْتَبْتُمْ لَا نَشْتَرِيْ بِهٖ ثَمَنًا وَّلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۙ وَلَا نَكْتُمُ شَهَادَةَ اللّٰهِ اِنَّاۤ

مائٽ هجي ۽ نه ئي اسين الله جي (حڪم واري) شاهدي لڪائينداسون (جيڪڏهن لڪائي سون ته) بيشڪ ان وقت اسين گنهگار

اِذًا لَّمِنَ الْاٰثِمِيْنَ ﴿١٠٦﴾ فَاِنْ عُثِرَ عَلٰۤى اَنَّهُمَا اسْتَحَقَّاۤ اِثْمًا فَاٰخَرٰنِ

ٿينداسون ﴿١٠٦﴾ پوءِ جيڪڏهن معلوم ٿئي ته ٻنهي (ڪوڙ جو) گناه ڪمايو آهي ته جن جو حقّ انهن ڦٻائڻ گهريو هو، تن مان

يَقُوْمٰنِ مَقَامَهُمَا مِنَ الَّذِيْنَ اسْتَحَقَّ عَلَيْهِمُ الْاَوْلَيٰنِ فَيُقْسِمٰنِ بِاللّٰهِ

سندن جاءِ تي بيا ٻہ (شاهد) اٿي بيهن، (جيڪي ميت جا) وڌيڪ ويجها عزيز هجن. پوءِ الله جو قسم کڻي چون تہ اسان جي

لَشَهَادَتُنَآ اَحَقُّ مِنْ شَهَادَتِهِمَا وَمَا اعْتَدَيْنَآ ۖ اِنَّآ اِذًا لَّمِنَ

شاهدي، انهن ٻنهي جي شاهديءَ کان وڌيڪ سچي آهي ۽ اسان زيادتي ناهي ڪئي. اسان ائين ڪيو هجي تہ بيشڪ

الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٧﴾ ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَنْ يَّاْتُوْا بِالشَّهَادَةِ عَلٰى وَجْهِهَآ اَوْ يَخَافُوْٓا اَنْ

اسين ظالمن مان ٿينداسون ﴿١٠٧﴾ اهڙي طرح وڌيڪ ويجهو آهي تہ اهي سچي شاهدي ڏين يا ڊڄن تہ (متان) انهن جي

تُرَدَّ اَيْمَانٌۢ بَعْدَ اَيْمَانِهِمْ ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاسْمَعُوْا ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي

قسمن کان پوءِ (اسان جي قسمن کي بہ) رد ڪيو وڃي ۽ الله تعاليٰ کان ڊڄو ۽ ٻڌو ۽ الله نافرمان قوم کي هدايت

الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿١٠٨﴾ ع يَوْمَ يَجْمَعُ اللّٰهُ الرُّسُلَ فَيَقُوْلُ مَاذَآ اُجِبْتُمْ ۭ

نہ ڏيندو آهي ﴿١٠٨﴾ (انهيءَ) ڏينهن الله سڀني پيغمبرن کي گڏ ڪندو. پوءِ پڇندو تہ توهان کي ڪهڙو جواب ڏنو ويو؟

قَالُوْا لَا عِلْمَ لَنَا ۭ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿١٠٩﴾ اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسَى

چوندا تہ اسان کي ڪو علم نہ آهي، بيشڪ تون ئي ڳجهن جو ڄاڻندڙ آهين ﴿١٠٩﴾ جڏهن الله فرمائيندو تہ اي عيسيٰ پٽ

ابْنَ مَرْيَمَ اذْكُرْ نِعْمَتِيْ عَلَيْكَ وَعَلٰى وَالِدَتِكَ ۘ اِذْ اَيَّدْتُّكَ بِرُوْحِ

مريم! پاڻ تي ۽ پنهنجي ماءُ تي منهنجي انهيءَ نعمت کي ياد ڪر، جڏهن مون پاڪ روح سان تنهنجي مدد ڪئي.

الْقُدُسِ ۣ تُكَلِّمُ النَّاسَ فِي الْمَهْدِ وَكَهْلًا ۚ وَاِذْ عَلَّمْتُكَ الْكِتٰبَ

تون ماڻهن سان پينگهي ۾ ۽ ڪراڙپ ۾ ڳالهائيندو هئين ۽ جڏهن مون تو کي ڪتاب ۽ دانائي ۽ توريت ۽

وَالْحِكْمَةَ وَالتَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ۚ وَاِذْ تَخْلُقُ مِنَ الطِّيْنِ كَهَيْـَٔةِ

انجيل سيکاريو ۽ جڏهن منهنجي حڪم سان مٽيءَ مان پکيءَ جو بوتو ناهي، منجهس ڦوڪ ڏيندو هئين، تہ منهنجي

الطَّيۡرِ بِاِذۡنِىۡ فَتَنۡفُخُ فِيۡهَا فَتَكُوۡنُ طَيۡرًاۢ بِاِذۡنِىۡ وَتُبۡرِئُ الۡاَكۡمَهَ

حڪم سان پکي تي اڏامندو هو ۽ منهنجي حڪم سان ڄائي ڄم ڄي انڌي ۽ ڪوڙهيءَ کي

وَالۡاَبۡرَصَ بِاِذۡنِىۡ‌ۚ وَاِذۡ تُخۡرِجُ الۡمَوۡتٰى بِاِذۡنِىۡ‌ۚ وَاِذۡ كَفَفۡتُ بَنِىۡۤ

چڱو ڀلو ڪندو هئين ۽ جڏهن منهنجي حڪم سان مئن کي جيئرو ڪندو هئين ۽ جڏهن مون توکي

اِسۡرَآءِيۡلَ عَنۡكَ اِذۡ جِئۡتَهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ فَقَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡهُمۡ

بني اسرائيل کان روڪيو. جڏهن تو وٽن معجزا آندا، پوءِ انهن مان جيڪي ڪافر ٿيا، تن چيو ته

اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّا سِحۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿۱۱۰﴾ وَاِذۡ اَوۡحَيۡتُ اِلَى الۡحَوَارِيّٖنَ اَنۡ اٰمِنُوۡا بِىۡ

هيءُ هڪ ته پڌرو جادو آهي ﴿۱۱۰﴾ ۽ جڏهن مون حوارين ڏانهن وحي ڪيو (۽ حڪم موڪليو) ته مون تي ۽ منهنجي

وَبِرَسُوۡلِىۡ‌ۚ قَالُوۡۤا اٰمَنَّا وَاشۡهَدۡ بِاَنَّنَا مُسۡلِمُوۡنَ ﴿۱۱۱﴾ اِذۡ قَالَ الۡحَوَارِيُّوۡنَ

پيغمبر تي ايمان آڻيو. چيائون ته اسان ايمان آندو ۽ شاهد رهه ته اسين مسلمان آهيون ﴿۱۱۱﴾ جڏهن حوارين چيو ته اي

يٰعِيۡسَى ابۡنَ مَرۡيَمَ هَلۡ يَسۡتَطِيۡعُ رَبُّكَ اَنۡ يُّنَزِّلَ عَلَيۡنَا مَآئِدَةً مِّنَ

عيسيٰ پٽ مريم جا! ڇا تنهنجو ربّ سگهه رکي ٿو ته اسان تي آسمان تان ڪاڏي جو هڪ دسترخوان لاهي؟

السَّمَآءِ‌ ؕ قَالَ اتَّقُوا اللّٰهَ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۱۲﴾ قَالُوۡا نُرِيۡدُ اَنۡ نَّاۡكُلَ

(عيسيٰ عليه السلام) چيو ته جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو ته الله کان ڊڄو ﴿۱۱۲﴾ حوارين چيو ته گهرون ٿا ته انهيءَ مان کائون ۽

مِنۡهَا وَتَطۡمَئِنَّ قُلُوۡبُنَا وَنَعۡلَمَ اَنۡ قَدۡ صَدَقۡتَنَا وَنَكُوۡنَ عَلَيۡهَا مِنَ

اسان جي دلين کي اطمينان ٿئي ۽ ڄاڻون ته تو اسان سان سچ ڳالهايو آهي ۽ اسين انهيءَ (دسترخوان لهڻ جي واقعي

الشّٰهِدِيۡنَ ﴿۱۱۳﴾ قَالَ عِيۡسَى ابۡنُ مَرۡيَمَ اللّٰهُمَّ رَبَّنَاۤ اَنۡزِلۡ عَلَيۡنَا

تي) شاهد ٿيون ﴿۱۱۳﴾ عيسيٰ پٽ مريم (عليهما السلام) چيو ته اي الله، اسان جا ربّ! اسان تي آسمان تان هڪ دسترخوان

مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ تَكُوْنُ لَنَا عِيْدًا لِّاَوَّلِنَا وَاٰخِرِنَا وَاٰيَةً مِّنْكَ ج

لاهه، جيڪو اسان جي اڳين ۽ اسان جي پوين لاءِ خوشيءَ (جو ڏينهن) ۽ تنهنجي طرفان نشاني ٿئي ۽ اسان کي روزي ڏي ۽

وَارْزُقْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿١١٤﴾ قَالَ اللّٰهُ اِنِّيْ مُنَزِّلُهَا عَلَيْكُمْ ج

تون ئي بهترين روزي ڏيندڙ آهين ﴿١١٤﴾ الله فرمايو ته بيشڪ آءٌ توهان تي اهو (دسترخوان) لاهڻ وارو آهيان. پوءِ توهان مان

فَمَنْ يَّكْفُرْ بَعْدُ مِنْكُمْ فَاِنِّيْٓ اُعَذِّبُهٗ عَذَابًا لَّآ اُعَذِّبُهٗٓ اَحَدًا مِّنَ

جيڪو ان (دسترخوان جي لهڻ کان) بعد ڪافر ٿيندو ته پوءِ بيشڪ کيس اهڙو عذاب ڏيندس، جو جهانن وارن مان ڪنهن هڪ کي

الْعٰلَمِيْنَ ﴿١١٥﴾ ع وَاِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ ءَاَنْتَ قُلْتَ

اهڙو عذاب نه ڏيندس ﴿١١٥﴾ ۽ جڏهن الله فرمائيندو ته اي عيسيٰ پٽ مريم جا! ڇا تو ماڻهن کي چيو هو ته الله کي ڇڏي ٻه خدا بڻايو

لِلنَّاسِ اتَّخِذُوْنِيْ وَاُمِّيَ اِلٰهَيْنِ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ط قَالَ سُبْحٰنَكَ مَا

(يعني) مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي؟ چوندو ته تون پاڪ آهين. مون کي نٿو جڳائي ته اها ڳالهه چوان جنهن جي چوڻ جو مون کي

يَكُوْنُ لِيْٓ اَنْ اَقُوْلَ مَا لَيْسَ لِيْ ق بِحَقٍّ ط اِنْ كُنْتُ قُلْتُهٗ فَقَدْ عَلِمْتَهٗ ط

حق نه آهي. جيڪڏهن مون اها ڳالهه چئي آهي ته بيشڪ تو کي علم هوندو. جيڪا ڳالهه منهنجي دل ۾ آهي، تون ڄاڻين ٿو ۽

تَعْلَمُ مَا فِيْ نَفْسِيْ وَلَآ اَعْلَمُ مَا فِيْ نَفْسِكَ ط اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿١١٦﴾

جيڪا ڳالهه تنهنجي دل ۾ آهي، آءٌ نٿو ڄاڻان (جو تو اسان کي ان جي خبر نه ڏني آهي) بيشڪ تون ڳجهن جو ڄاڻندڙ آهين ﴿١١٦﴾

مَا قُلْتُ لَهُمْ اِلَّا مَآ اَمَرْتَنِيْ بِهٖٓ اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبَّكُمْ ج

مون کين اهائي ڳالهه چئي هئي، جنهن جو تو مون کي حڪم ڪيو هو ته الله جي عبادت ڪريو، جيڪو منهنجو به ربّ

وَكُنْتُ عَلَيْهِمْ شَهِيْدًا مَّا دُمْتُ فِيْهِمْ ج فَلَمَّا تَوَفَّيْتَنِيْ كُنْتَ اَنْتَ

آهي ۽ توهان جو به ربّ آهي ۽ جيستائين آءٌ منجهن موجود هيس، مٿن نگران هيس. پوءِ جڏهن تو مون کي (دنيا مان)

ع ١٥

وقف النبي صلى الله عليه وسلم

الرَّقِيبَ عَلَيْهِمْ ۖ وَأَنتَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ شَهِيدٌ ﴿١١٧﴾ إِن تُعَذِّبْهُمْ فَإِنَّهُمْ

ڪٺائي ورتو تہ تون ئي مٿن نگران هئين ۽ تون هر شيءِ تي شاهد آهين ﴿١١٧﴾ جيڪڏهن کين عذاب ڪندين تہ

عِبَادُكَ ۖ وَإِن تَغْفِرْ لَهُمْ فَإِنَّكَ أَنتَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ ﴿١١٨﴾ قَالَ اللَّهُ

بيشڪ اهي تنهنجا ٻانها آهن ۽ جيڪڏهن کين بخشيندين تہ بيشڪ تون غالب، حڪمت وارو آهين ﴿١١٨﴾ الله تعاليٰ

هَٰذَا يَوْمُ يَنفَعُ الصَّادِقِينَ صِدْقُهُمْ ۚ لَهُمْ جَنَّاتٌ تَجْرِي مِن تَحْتِهَا

فرمايو تہ اڄوڪي ڏينهن ۾، سچن ماڻهن کي سندن سچائي ئي فائدو ڏيندي. انهن لاءِ باغ آهن، جن جي

الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا أَبَدًا ۚ رَّضِيَ اللَّهُ عَنْهُمْ وَرَضُوا عَنْهُ ۚ ذَٰلِكَ الْفَوْزُ

هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. منجهن سدائين رهڻ وارا آهن. الله انهن کان راضي آهي ۽ اهي ان کان راضي آهن،

الْعَظِيمُ ﴿١١٩﴾ لِلَّهِ مُلْكُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَمَا فِيهِنَّ ۚ وَهُوَ عَلَىٰ كُلِّ

اهائي وڏي ڪاميابي آهي ﴿١١٩﴾ آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي منجهن آهي، انهن جي بادشاهي الله لاءِ آهي ۽ الله هر

شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿١٢٠﴾ ع ١٥

شيءِ تي وس وارو آهي ﴿١٢٠﴾

آيَاتُهَا ١٦٥ (٦) سُورَةُ الْأَنْعَامِ مَكِّيَّةٌ (٥٥) رُكُوعَاتُهَا ٢٠

سورة الانعام مڪي آهي، هن ۾ هڪ سو پنجهٺ آيتون ۽ ويھ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عبادت جي لائق، روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ وَجَعَلَ الظُّلُمَاتِ وَالنُّورَ ۖ

سڀ شڪر ۽ ساراهہ الله لاءِ آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين ۽ (رات جي) اونداهہ ۽ (ڏينهن جي) روشنيءَ کي پيدا ڪيو.

ثُمَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ① هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ طِيْنٍ

پوءِ بہ جيڪي ماڻهو ڪافر ٿيا، اهي پنهنجي ربّ سان (ٻين کي) برابر ڪن ٿا ① اهو الله ئي آهي، جنهن توهان کي مٽيءَ مان

ثُمَّ قَضٰۤى اَجَلًا ؕ وَاَجَلٌ مُّسَمًّى عِنْدَهٗ ثُمَّ اَنْتُمْ تَمْتَرُوْنَ ②

خلقيو. پوءِ (هر هڪ جي موت لاءِ) وقت مقرر ڪيائين ۽ هڪ مدت وٽس ٻي مقرر آهي. پوءِ بہ توهان شڪ ڪريو ٿا ②

وَهُوَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَفِي الْاَرْضِ ؕ يَعْلَمُ سِرَّكُمْ وَجَهْرَكُمْ

۽ آسمانن ۽ زمين ۾ اهوئي هڪ الله آهي. توهان جون ڳجهيون ۽ ظاهري سڀ ڳالهيون ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي

وَيَعْلَمُ مَا تَكْسِبُوْنَ ③ وَمَا تَاْتِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ مِّنْ اٰيٰتِ رَبِّهِمْ

عملَ توهان ڪريو ٿا، اهي بہ ڄاڻي ٿو ③ ۽ انهن وٽ سندن ربّ جي نشانين مان جيڪا بہ نشاني اچي ٿي،

اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ④ فَقَدْ كَذَّبُوْا بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ؕ

اهي ان کان منهن موڙيندڙ هوندا آهن ④ پوءِ بيشڪ جڏهن وٽن حقّ (يعني قرآن) آيو تہ (مشرڪن) ان کي ڪوڙو ڪيو،

فَسَوْفَ يَاْتِيْهِمْ اَنْۢبٰٓؤُا مَا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ⑤ اَلَمْ يَرَوْا كَمْ

پوءِ سگهوئي کين اهي خبرون معلوم ٿينديون، جن جي باري ۾ ٺٺوليون ڪن ٿا ⑤ ڇا نٿا ڏسن تہ اسان انهن کان اڳ

اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ مَّكَّنّٰهُمْ فِي الْاَرْضِ مَا لَمْ نُمَكِّنْ

ڪيتريون امتون هلاڪ ڪيون آهن؟ جن کي زمين ۾ اهي مالَ ۽ اسبابَ ڏناسون، جيڪي مالَ اسبابَ توهان کي

لَّكُمْ وَاَرْسَلْنَا السَّمَآءَ عَلَيْهِمْ مِّدْرَارًا ۪ وَّجَعَلْنَا الْاَنْهٰرَ تَجْرِيْ

نہ ڏناسون ۽ مٿن آسمان تان لڳاتار مينهن وساياسون ۽ (سندن لاءِ) نهرون جاري ڪيون سون، جيڪي سندن

مِنْ تَحْتِهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَاَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قَرْنًا

(مڪانن ۽ ماڳن جي) هيٺان وهنديون هيون. پوءِ کين سندن گناهن سبب هلاڪ ڪيوسون ۽ انهن کان پوءِ

اٰخَرِيْنَ ⑥ وَ لَوْ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ كِتٰبًا فِيْ قِرْطَاسٍ فَلَمَسُوْهُ

اسان ٻيون قومون پيدا ڪيون ⑥ ۽ جيڪڏهن اسان توتي ڪاغذن تي لکيل ڪو ڪتاب لاهيون، پوءِ اهي ماڻهو ان کي

بِاَيْدِيْهِمْ لَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ⑦ وَ

پنهنجا هٿ لائي ڏسن، تڏهن به جيڪي ڪافر آهن، اهي البت چوندا ته هيءُ ته رڳو هڪ پڌرو جادو آهي ⑦ ۽ (ڪافر) چون

قَالُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ مَلَكٌ ؕ وَلَوْ اَنْزَلْنَا مَلَكًا لَّقُضِيَ الْاَمْرُ

ٿا ته (حضرت محمد ﷺ جن) تي فرشتو ڇو نه لاٿو ويو (جنهن کي اسين اکين سان ڏسون، جيڪو سندن رسالت جي شاهدي

ثُمَّ لَا يُنْظَرُوْنَ ⑧ وَلَوْ جَعَلْنٰهُ مَلَكًا لَّجَعَلْنٰهُ رَجُلًا وَّلَلَبَسْنَا عَلَيْهِمْ

ڏي) ۽ جيڪڏهن اسين ڪو فرشتو لاهيون ها ته البت (سندن هلاڪت جي) ڪم جي باري ۾ فيصلو ٿي وڃي ها، پوءِ ڪين مهلت نه ڏني
وڃي ها ⑧ ۽ جيڪڏهن ان کي فرشتو ڪريون ها تڏهن به ان کي آدمي ئي بڻايون ها ۽ ڪين سا ڳئي شڪ شبهي ۾ وجهون ها،

مَّا يَلْبِسُوْنَ ⑨ وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَحَاقَ بِالَّذِيْنَ

جيڪو شڪ شبهو (هاڻي) ڪري رهيا آهن ⑨ ۽ بيشڪ تو کان اڳ به پيغمبرن سان ٺٺوليون ڪيون ويون، پوءِ جيڪي انهن

سَخِرُوْا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ⑩ ع قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ

مان ٺٺوليون ڪندا هئا، تن کي ٺٺولين جي سزا اچي وڪوڙي ورتو ⑩ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته زمين ۾ گهمي ڦري ڏسو ته

ثُمَّ انْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ⑪ قُلْ لِّمَنْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ

ڪوڙو ڪندڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي ⑪ فرماءِ ته جيڪي ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، ڪنهن جو آهي؟ فرماءِ ته الله جو

وَالْاَرْضِ ؕ قُلْ لِّلّٰهِ ؕ كَتَبَ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ؕ لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى يَوْمِ

آهي. ان پنهنجي (بي مثل) ذات تي رحمت لکي ڇڏي آهي. البت توهان کي قيامت جي ڏينهن ضرور

الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ؕ اَلَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ⑫

گڏ ڪندو، جنهن ۾ ڪو شڪ نه آهي. جن ماڻهن پاڻ کي نقصان ۾ وڌو، پوءِ اهي ئي ايمان نٿا آڻين ⑫

وَلَهٗ مَا سَكَنَ فِي الَّيْلِ وَالنَّهَارِ ؕ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١٣﴾ قُلْ اَغَيْرَ

۽ جيڪا به (مخلوق) ڏينهن ۽ رات ۾ رهي ٿي، سڀ ان جي آهي ۽ اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي ﴿١٣﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته

اللّٰهِ اَتَّخِذُ وَلِيًّا فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَهُوَ يُطْعِمُ وَلَا يُطْعَمُ ؕ

ڇا الله کي ڇڏي ٻئي کي دوست بڻايان؟ (۽) اهوئي آسمانن ۽ زمين کي نئين سر پيدا ڪندڙ آهي ۽ اهو ئي (سڀ کي)

قُلْ اِنِّيْٓ اُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَسْلَمَ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ

کاڌو کارائي ٿو ۽ پاڻ نٿو کائي. فرماءِ ته بيشڪ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته آءٌ سڀ کان اڳ فرمانبردار ٿيان ۽ هرگز

الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٤﴾ قُلْ اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ رَبِّيْ عَذَابَ يَوْمٍ

مشرڪن مان نه ٿيءُ ﴿١٤﴾ فرماءِ ته جيڪڏهن آءٌ پنهنجي ربّ جي نافرماني ڪريان ته بيشڪ وڏي ڏينهن جي عذاب کان

عَظِيْمٍ ﴿١٥﴾ مَنْ يُّصْرَفْ عَنْهُ يَوْمَئِذٍ فَقَدْ رَحِمَهٗ ؕ وَذٰلِكَ الْفَوْزُ

ڊڄان ٿو ﴿١٥﴾ جنهن شخص تان ان ڏينهن عذاب ٽاريو ويو ته بيشڪ (الله تعالىٰ) مٿس رحم ڪيو ۽ اها ئي پڌري

الْمُبِيْنُ ﴿١٦﴾ وَاِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗٓ اِلَّا هُوَ ؕ وَاِنْ

ڪاميابي آهي ﴿١٦﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) جيڪڏهن توکي الله ڪا تڪليف پهچائي ته پوءِ اهوئي ان کي ٽاري سگهي ٿو ۽

يَّمْسَسْكَ بِخَيْرٍ فَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٧﴾ وَهُوَ الْقَاهِرُ فَوْقَ

جيڪڏهن توکي ڪا ڀلائي پهچائي ته پوءِ الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ﴿١٧﴾ ۽ اهو ئي پنهنجن ٻانهن تي غالب

عِبَادِهٖ ؕ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿١٨﴾ قُلْ اَيُّ شَيْءٍ اَكْبَرُ شَهَادَةً ؕ قُلِ

آهي ۽ اهوئي حڪمت وارو، خبر رکڻ وارو آهي ﴿١٨﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته سڀ کان وڏي (انصاف واري) شاهدي ڪهڙي

اللّٰهُ ۙ شَهِيْدٌۢ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ۚ وَاُوْحِيَ اِلَيَّ هٰذَا الْقُرْاٰنُ لِاُنْذِرَكُمْ

شيءِ جي آهي؟ فرماءِ ته منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ الله شاهدي ڏيندڙ ڪافي آهي ۽ مون ڏانهن هيءُ قرآن وحي

بِهٖ وَمَنْۢ بَلَغَ ؕ اَئِنَّكُمْ لَتَشْهَدُوْنَ اَنَّ مَعَ اللّٰهِ اٰلِهَةً اُخْرٰى ؕ قُلْ لَّاۤ

ڪيو ويو آهي تہ ان جي ذريعي ڊيڄاريان توهان کي بہ ۽ انهن کي بہ جن تائين (هيءُ قرآن) پهچي. ڇا واقعي

اَشْهَدُ ۚ قُلْ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّاِنَّنِيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ⑲ ﴿وقف لازم باتفاق﴾

توهان شاهدي ڏيو ٿا تہ الله سان گڏ ٻيا معبود بہ آهن؟ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ آءٌ اها شاهدي نٿو ڏيان. فرماءِ تہ بيشڪ

اهو الله اڪيلو (برحق ۽ بي مثال) معبود آهي ۽ جيڪو شرڪ توهان ڪريو ٿا، بيشڪ آءٌ ان کان بيزار آهيان ⑲

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ۘ اَلَّذِيْنَ ﴿وقف لازم﴾

جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو، اهي ان کي (يعني حضرت محمد ﷺ کي) ائين سڃاڻين ٿا، جيئن پنهنجن پٽن کي

خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ⑳ ع وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى ﴿ع ٦/٨﴾

سڃاڻين ٿا. جن ماڻهن پاڻ کي نقصان ۾ وڌو، پوءِ اهي ئي ايمان نٿا آڻين ⑳ ۽ ان شخص کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي،

اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ㉑ وَيَوْمَ

جيڪو الله تي ڪوڙو بهتان هڻي، يا سندس آيتن کي ڪوڙو ڪري، بيشڪ ظالم ڪامياب نہ ٿيندا آهن ㉑ ۽ (ياد ڪر قيامت

نَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا اَيْنَ شُرَكَآؤُكُمُ الَّذِيْنَ

جي) ڏينهن کي، (جڏهن) اسين سڀني کي گڏ ڪنداسون. پوءِ جن شرڪ ڪيو، تن کي چونداسون تہ ڪٿي آهن، توهان

كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ㉒ ثُمَّ لَمْ تَكُنْ فِتْنَتُهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوْا وَاللّٰهِ رَبِّنَا

جا اهي معبود جن کي توهان (خدا) پائيندا هئا؟ ㉒ پوءِ سندن عذر يا بهانو اهو هوندو تہ چوندا تہ الله جو قسم، ربّ اسان

مَا كُنَّا مُشْرِكِيْنَ ㉓ اُنْظُرْ كَيْفَ كَذَبُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَضَلَّ

جا! اسين شرڪ ڪرڻ وارا نہ هئاسون ㉓ ڏس تہ پاڻ تي ڪيئن ٿا ڪوڙ هڻن ۽ جيڪا بهتان بازي اهي ڪن ٿا،

عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ㉔ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُ اِلَيْكَ ۚ وَجَعَلْنَا

سا سڀ انهن کان ويندي رهندي ㉔ ۽ انهن مان ڪي آهن، جيڪي ڪَنُ لائي تنهنجيون ڳالهيون ٻڌن ٿا ۽ اسان

عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ وَاِنْ يَّرَوْا

سندن دلين تي پردا وجهي ڇڏيا آهن ته ان کي سمجهن ۽ سندن ڪنن ۾ ڳوراڻ آهي ۽ جيڪڏهن اهي ڪنهن

كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْكَ يُجَادِلُوْنَكَ يَقُوْلُ

هر قسم جي نشاني ڏسن ٿا ته به ايمان نٿا آڻين. تانجو جڏهن تو وٽ اچن ٿا ته تو سان جهڳڙو ڪن ٿا. جن ڪفر ڪيو،

الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٥﴾ وَهُمْ يَنْهَوْنَ

اهي چون ٿا ته هي (قرآن مجيد جون آيتون) ته رڳو اڳين جون آکاڻيون آهن ﴿٢٥﴾ ۽ ماڻهن کي ان (يعني حضرت محمد

عَنْهُ وَيَنْـَٔوْنَ عَنْهُ ۚ وَاِنْ يُّهْلِكُوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٦﴾

ﷺ ۽ قرآن) جي تابعداريءَ کان روڪين ٿا ۽ پاڻ به پري رهن ٿا ۽ رڳو پاڻ کي ئي هلاڪ ڪن ٿا ۽ پر نٿا ڄاڻن ﴿٢٦﴾

وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ وُقِفُوْا عَلَى النَّارِ فَقَالُوْا يٰلَيْتَنَا نُرَدُّ وَلَا نُكَذِّبَ

۽ (اي محمد ﷺ!) جيڪر ڏسين، جڏهن اهي دوزخ (يعني پلصراط) تي روڪيا ويندا، چوندا ته ڪاش! اسين (دنيا ۾) موٽايا

بِاٰيٰتِ رَبِّنَا وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧﴾ بَلْ بَدَا لَهُمْ مَّا كَانُوْا

وڃون ۽ پنهنجي ربّ جي آيتن کي ڪوڙو نه ڪريون ها ۽ مؤمنن مان هجون ها ﴿٢٧﴾ بلڪ سندن سامهون (اها حقيقت) ظاهر

يُخْفُوْنَ مِنْ قَبْلُ ؕ وَلَوْ رُدُّوْا لَعَادُوْا لِمَا نُهُوْا عَنْهُ وَاِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٢٨﴾

ٿي، جيڪا اڳ ۾ انهن کان ڳجهي رکي وئي هئي (يعني اهي مشرڪ پنهنجي شرڪ جي ڏوهه کي لڪائيندا، پر سندن عضوا
سندن خلاف شاهدي ڏيندا) ۽ جيڪڏهن (اهي دنيا ۾) موٽايا به وڃن، تڏهن به منع ڪيل ڪم وري ڪندا ۽ اهي ڪوڙا آهن ﴿٢٨﴾

وَقَالُوْٓا اِنْ هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا وَمَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ ﴿٢٩﴾ وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ

۽ (ڪافر) چون ٿا ته رڳو اسان جي اها ئي دنياوي (زندگي) ئي آهي ۽ اسان کي وري جياريو نه ويندو ﴿٢٩﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!) جيڪر

وُقِفُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ ؕ قَالَ اَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ ؕ قَالُوْا بَلٰى وَرَبِّنَا ؕ قَالَ فَذُوْقُوا

ڏسين جڏهن کين پنهنجي ربّ وٽ بيهاريو ويندو. فرمائيندو ته ڇا هيءُ حقّ نه آهي؟ چوندا ته هائو! اسان جي ربّ جو قسم! (الله)

الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٠﴾ ع قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ اللّٰهِ ؕ ع ٣/١٠ ٩

فرمائيندو تہ پوءِ پنهنجي ڪافر ٿيڻ سبب عذاب جو مزو چکو ﴿٣٠﴾ بيشڪ جن ماڻهن الله جي ملاقات کي ڪوڙو ڪيو، تن ڇاٽ کي

حَتّٰۤى اِذَا جَآءَتْهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً قَالُوْا يٰحَسْرَتَنَا عَلٰى مَا فَرَّطْنَا فِيْهَا ۙ

نقصان ۾ وڌو، تانجو جڏهن مٿن اوچتو قيامت ايندي، چوندا تہ هاءِ اسان تي ارمان! ان ڪوتاهيءَ جي ڪري، جيڪا اسان هن

وَهُمْ يَحْمِلُوْنَ اَوْزَارَهُمْ عَلٰى ظُهُوْرِهِمْ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَزِرُوْنَ ﴿٣١﴾ وَمَا

جي باري ۾ (دنيا ۾) ڪئي ۽ اهي پنهنجين پٺين تي (گناهن جا) بارَ ڪڻندا. ٻڌو! جيڪي بارَ اهي ڪڻندا، ڏاڍا بڇڙا آهن ﴿٣١﴾ دنيا

الْحَيٰوةُ الدُّنْيَاۤ اِلَّا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ ؕ وَلَلدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ ؕ

جي زندگي تہ رڳو راند ۽ تماشو آهي ۽ البت آخرت جو گهر انهن ماڻهن لاءِ چڱو آهي، جيڪي (شرڪ کان) بچن ٿا. ڇا

اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٣٢﴾ قَدْ نَعْلَمُ اِنَّهٗ لَيَحْزُنُكَ الَّذِيْ يَقُوْلُوْنَ فَاِنَّهُمْ

پوءِ عقل کان ڪم نٿا وٺو ﴿٣٢﴾ تحقيق ڄاڻون ٿا تہ (تنهنجي بي ادبيءَ ۽ انڪار ڪندي) جيڪا ڳالهہ چون ٿا، سا توکي رنج پهچائي

لَا يُكَذِّبُوْنَكَ وَلٰكِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَلَقَدْ كُذِّبَتْ

ٿي، پوءِ بيشڪ اهي توکي ڪوڙو نٿا ڪن ۽ پر ظالم الله جي آيتن جو (سڃاڻڻ جي باوجود) انڪار ڪن ٿا ﴿٣٣﴾ ۽ بيشڪ توکان اڳ

رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ فَصَبَرُوْا عَلٰى مَا كُذِّبُوْا وَاُوْذُوْا حَتّٰۤى اَتٰهُمْ

رسولن کي ڪوڙو ڪيو ويو، پوءِ انهن ڪوڙي ڪرڻ ۽ ايذاءَ پهچڻ تي (ثواب جي اميد ۾) صبر ڪيو، تانجو ڪين اسان جي مدد

نَصْرُنَا ۚ وَلَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ۚ وَلَقَدْ جَآءَكَ مِنْ نَّبَاِى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣٤﴾

پهتي ۽ الله جي ڳالهين کي ڪو تبديل ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ بيشڪ تو وٽ پيغمبرن جون ڪجهہ خبرون اچي چڪيون آهن ﴿٣٤﴾

وَاِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَيْكَ اِعْرَاضُهُمْ فَاِنِ اسْتَطَعْتَ اَنْ تَبْتَغِيَ نَفَقًا فِى

۽ جيڪڏهن توکي سندن منهن موڙڻ ڏکيو لڳي تو تہ پوءِ جيڪڏهن زمين ۾ سرنگ ڪوٽي يا آسمان ۾ ڏاڪڻ هڻي (مٿي چڙهي)

الْأَرْضِ أَوْ سُلَّمًا فِي السَّمَآءِ فَتَأْتِيَهُم بِآيَةٍ ۚ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَمَعَهُمْ

وٽن ڪا نشاني آڻي سگهين ته آڻ! ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته يقينًا انهن کي هدايت تي گڏ ڪري ها، پوءِ هرگز جاهلن مان نه

عَلَى الْهُدٰى فَلَا تَكُونَنَّ مِنَ الْجٰهِلِينَ ٣٥ إِنَّمَا يَسْتَجِيبُ الَّذِينَ يَسْمَعُونَ ۘ

وقف غفران النّصف

وقف منزل عند البعض على يسمعون

ٿيءُ ٣٥ بيشڪ (حق جي) دعوت ته اهي ئي ماڻهو قبول ڪن ٿا، جيڪي ٻڌن ٿا ۽ (مڪي جا ڪافر، جيڪي نٿا ٻڌن) مئا آهن،

وَالْمَوْتٰى يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ ثُمَّ إِلَيْهِ يُرْجَعُونَ ٣٦ وَقَالُوا لَوْلَا نُزِّلَ عَلَيْهِ آيَةٌ

ڪين الله (قيامت جي ڏينهن) جياريندو، پوءِ (عملن مطابق سزا پوڳڻ لاءِ) ڪين ان ڏانهن موٽايو ويندو ٣٦ ۽ (قريش جا سردار)
چون ٿا ته هن (يعني حضرت محمد ﷺ) تي سندس ربّ طرفان ڪا نشاني (يعني فرشتو) چو نه لاٿو ويو؟ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته

مِّن رَّبِّهِ ۚ قُلْ إِنَّ اللّٰهَ قَادِرٌ عَلٰى أَن يُنَزِّلَ آيَةً وَّلٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا

بيشڪ الله واس وارو آهي ته ڪا نشاني لاهي، پر انهن مان گهڻا نٿا ڄاڻن (ته نشاني ڏسي ايمان نه آڻڻ سبب عذاب ايندو

يَعْلَمُونَ ٣٧ وَمَا مِن دَآبَّةٍ فِي الْأَرْضِ وَلَا طٰٓئِرٍ يَطِيرُ بِجَنَاحَيْهِ إِلَّآ أُمَمٌ

آهي) ٣٧ ۽ جيڪي ساهوارا زمين ۾ ۽ پکي (فضا ۾) پنهنجن پرن سان اڏامن ٿا، (پيدائش ۽ روزيءَ ۾) توهان وانگر امتون آهن.

أَمْثَالُكُمْ ۚ مَا فَرَّطْنَا فِي الْكِتٰبِ مِن شَيْءٍ ۚ ثُمَّ إِلٰى رَبِّهِمْ يُحْشَرُونَ ٣٨

اسان هن ڪتاب (قرآن) ۾ (روشن دليلن جي باري ۾) ڪا ڪمي نه ڪئي آهي، پوءِ ڪين پنهنجي ربّ ڏانهن گڏ ڪيو ويندو ٣٨ ۽

وَالَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيٰتِنَا صُمٌّ وَّبُكْمٌ فِي الظُّلُمٰتِ ۚ مَن يَشَإِ اللّٰهُ يُضْلِلْهُ ۚ

جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو، اهي ٻوڙا آهن (پوءِ قرآن مان فائدو نٿا وٺن.) ۽ گونگا آهن (پوءِ قرآن نٿا

وَمَن يَشَأْ يَجْعَلْهُ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ ٣٩ قُلْ أَرَءَيْتَكُمْ إِنْ أَتٰىكُمْ

پڙهن ۽ ڪفر جي) اونداهين ۾ (غرق) آهن. الله تعاليٰ جنهن کي گهرندو آهي، گمراهه ڪندو آهي ۽ جنهن کي گهرندو آهي،
سڌي واٽ تي هلائيندو آهي ٣٩ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته (اي مشرڪو!) ٻڌايو ته جيڪڏهن توهان تي الله جو عذاب اچي يا توهان تي

عَذَابُ اللّٰهِ أَوْ أَتَتْكُمُ السَّاعَةُ أَغَيْرَ اللّٰهِ تَدْعُونَ ۚ إِن كُنتُمْ صٰدِقِينَ ٤٠

قيامت اچي ته ڇا توهان الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي سڏيندا؟ (ٻڌايو) جيڪڏهن توهان سچا آهيو ٤٠

بَلْ اِيَّاهُ تَدْعُوْنَ فَيَكْشِفُ مَا تَدْعُوْنَ اِلَيْهِ اِنْ شَآءَ وَتَنْسَوْنَ

بلڪ خاص الله کي سڏيندا. پوءِ جيڪڏهن گهرندو ته جنهن (مصيبت جي ٽارڻ) لاءِ ڪيس سڏيندا، سا ٽاريندو ۽ جن کي الله سان

مَا تُشْرِكُوْنَ ﴿۴۱﴾ ع وَلَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَاَخَذْنٰهُمْ

شريڪ ڪريو ٿا، تن کي وساري ڇڏيندا ﴿۴۱﴾ ۽ بيشڪ اسان تو کان اڳ ڪيترين امتن ڏانهن پيغمبرَ موڪليا (پر ڪافر ٿي ويا.) پوءِ ڪين

بِالْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ يَتَضَرَّعُوْنَ ﴿۴۲﴾ فَلَوْلَآ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَا

سختيءَ، سُڄ ۽ بيمارين سان پڪڙيوسون ته مَنَ عاجزي ڪن ﴿۴۲﴾ پوءِ جڏهن وٽن اسان جو عذاب آيو ته عاجزي ڇو نه ڪيائون پر (سندن

تَضَرَّعُوْا وَلٰكِنْ قَسَتْ قُلُوْبُهُمْ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۴۳﴾

ڪفر سبب) سندن دليون سخت ٿي ويون ۽ شيطان سندن لاءِ سندن ڪرتوت سينگاري ڇڏيا (پوءِ پنهنجي انڪار تي اڙيا رهيا) ﴿۴۳﴾

فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ اَبْوَابَ كُلِّ شَيْءٍ ط حَتّٰٓى اِذَا

پوءِ جڏهن (اسان جي طرفان) ڪيل نصيحت کي وساري ڇڏيائون ته مٿن هر شيءِ جا دروازا کولياسون، تان جو جڏهن (اسان

فَرِحُوْا بِمَآ اُوْتُوْٓا اَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً فَاِذَا هُمْ مُّبْلِسُوْنَ ﴿۴۴﴾ فَقُطِعَ دَابِرُ

جي ڏنل) شين تي خوش ٿيا (ته) ڪين (انهي خوشيءَ ۾) اوچتو پڪڙيوسون، پوءِ اهي ان وقت نااميد ٿي ويا ﴿۴۴﴾ پوءِ ظالم قوم

الْقَوْمِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ط وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۵﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ

جي پاڙ پٽي ويئي ۽ سموري ساراهه جهانن جي ربّ الله لاءِ آهي ﴿۴۵﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته توهان ڏسو!

اِنْ اَخَذَ اللّٰهُ سَمْعَكُمْ وَاَبْصَارَكُمْ وَخَتَمَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ مَّنْ اِلٰهٌ غَيْرُ

جيڪڏهن الله توهان جا ڪَنَ ۽ توهان جون اکيون کسي وٺي، (يعني توهان کي ٻوڙو ۽ انڌو ڪري ڇڏي) ۽ توهان جي
دلين تي مهر هڻي ڇڏي ته الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪير معبود آهي، جيڪو توهان کي اهي (ڪسيل نعمتون) آڻي

اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِهٖ ط اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ ثُمَّ هُمْ يَصْدِفُوْنَ ﴿۴۶﴾

ڏيندو؟ ڏس ته ڪيئن اسين (قرآن مجيد جون) آيتون کولي کولي بيان ڪريون ٿا، پوءِ به اهي منهن موڙين ٿا ﴿۴۶﴾

قُلْ اَرَءَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُ اللّٰهِ بَغْتَةً اَوْ جَهْرَةً هَلْ يُهْلَكُ

(اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ تہ توهان ڏسو تہ جيڪڏهن توهان تي اوچتو يا پڌرو الله جو عذاب اچي تہ ڇا ظالم قوم (يعني

اِلَّا الْقَوْمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ

مشرڪن) کان سواءِ ڪو هلاڪ ٿيندو ؟ ﴿٤٧﴾ ۽ اسين رسولن کي رڳو بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليندا آهيون، پوءِ

وَمُنْذِرِيْنَ ۚ فَمَنْ اٰمَنَ وَاَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٤٨﴾

جنهن شخص ايمان آندو ۽ پنهنجي اصلاح ڪيائين، تہ پوءِ انهن تي نہ خوف آهي ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا ﴿٤٨﴾

وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا يَمَسُّهُمُ الْعَذَابُ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿٤٩﴾

۽ جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو، تن کي سندن نافرمانين جي ڪري عذاب پهچندو ﴿٤٩﴾

قُلْ لَّآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللّٰهِ وَلَآ اَعْلَمُ الْغَيْبَ وَلَآ اَقُوْلُ

(اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ تہ آءٌ توهان کي نٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نہ آءٌ ڳجهہ ڄاڻان ٿو ۽ نہ توهان کي چوان ٿو تہ

لَكُمْ اِنِّيْ مَلَكٌ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ ۗ قُلْ هَلْ يَسْتَوِى

آءٌ فرشتو آهيان. آءٌ تہ رڳو وحيءَ جي پيروي ڪريان ٿو، جيڪو مون ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. فرماءِ تہ ڇا انڌو ۽ ڏسندڙ

الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ۗ اَفَلَا تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع وَاَنْذِرْ بِهِ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ ع ۵ ۹ ۱۱

شخص برابر هوندا آهن؟ ڇا پوءِ توهان سوچ ويچار ڪان ڪم نٿا وٺو ﴿٥٠﴾ ۽ هن (قرآن) جي ذريعي انهن ماڻهن کي ڊيڄار،

اَنْ يُّحْشَرُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ لَيْسَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ

جيڪي ڊڄن ٿا تہ کين پنهنجي ربّ ڏانهن گڏ ڪيو ويندو، سندن لاءِ الله کان سواءِ ڪو دوست ۽ شفاعت ڪندڙ نہ آهي، مَنَ اهي

لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿٥١﴾ وَلَا تَطْرُدِ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ

(دين ۾ منع ڪيل شين کان) بچن ﴿٥١﴾ ۽ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) جيڪي (مسڪين ماڻهو) پنهنجي ربّ کي، سندس رضامنديءَ لاءِ صبح ۽

وَالْعَشِيِّ يُرِيدُونَ وَجْهَهٗ ؕ مَا عَلَيْكَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّمَا

شام سڏين ٿا (۽ سندس عبادت ڪن ٿا)، تن کي (پنهنجي مجلس شريف مان) نه تڙ. نه سندن حساب مان ڪا شيءِ تو تي آهي ۽ نه ئي

مِنْ حِسَابِكَ عَلَيْهِمْ مِّنْ شَيْءٍ فَتَطْرُدَهُمْ فَتَكُونَ مِنَ الظّٰلِمِينَ ﴿٥٢﴾

تنهنجي حساب مان متن ڪا شيءِ آهي، جو ڪين تڙي ڪڍين (ڪين تڙيندين نه) نامناسب ڪم ڪندڙن مان ٿيندين ﴿٥٢﴾

وَكَذٰلِكَ فَتَنَّا بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لِّيَقُولُوٓا أَهٰٓؤُلَآءِ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ

۽ اهڙيءَ طرح اسان بعض کي بعض سان (يعني مالدارن کي فقيرن ۽ اميرن کي غريبن سان) آزمايون ٿا، جيئن (مالدار) چون

مِّنۢ بَيْنِنَا ؕ أَلَيْسَ اللّٰهُ بِأَعْلَمَ بِالشّٰكِرِينَ ﴿٥٣﴾ وَإِذَا جَآءَكَ الَّذِينَ

ته ڇا اهي ئي (فقير ماڻهو) آهن، جن تي الله اسان جي مقابلي ۾ احسان فرمايو (۽ فضيلت بخشي؟) ڇا الله شڪر ڪندڙن کي وڌيڪ نٿو
ڄاڻي؟ (يعني جنهن کي شڪرگذار ڄاڻي ٿو، تنهن کي هدايت ڏئي ٿو) ﴿٥٣﴾ ۽ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) جڏهن تو وٽ اهي ماڻهو اچن، جيڪي

يُؤْمِنُونَ بِأٰيٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ۙ

اسان جي آيتن تي ايمان آڻين ٿا (يعني اصحابي سڳورا ۽ فقراءَ) ته فرماءِ ته توهان تي سلامتي آهي. توهان جي ربّ، پاڻ تي

أَنَّهٗ مَنْ عَمِلَ مِنْكُمْ سُوٓءًۢا بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابَ مِنۢ بَعْدِهٖ وَأَصْلَحَ ۙ

رحمت لکي ڇڏي آهي (سندس حڪم آهي ته) توهان مان جنهن اڻ ڄاڻائيءَ ۾ برائي ڪئي، ان ڪان پوءِ توبه ڪيائين ۽ اصلاح

فَأَنَّهٗ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٥٤﴾ وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْأٰيٰتِ وَلِتَسْتَبِينَ سَبِيلُ

ڪيائين ته پوءِ اهو بخشڻهار، مهربان آهي ﴿٥٤﴾ ۽ اهڙيءَ طرح اسين تفصيل سان آيتون بيان ڪريون ٿا ۽ جيئن گنهگارن جي واٽ

الْمُجْرِمِينَ ﴿٥٥﴾ ع قُلْ إِنِّي نُهِيتُ أَنْ أَعْبُدَ الَّذِينَ تَدْعُونَ مِنْ دُونِ اللّٰهِ ؕ ع ٦ ٥ ١٢

روشن ٿئي ﴿٥٥﴾ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ ته بيشڪ مون کي (بتن) جي پوڄا ڪان روڪيو ويو آهي، جن کي توهان الله جي بجاءِ سڏيو ٿا

قُلْ لَّآ أَتَّبِعُ أَهْوَآءَكُمْ ۙ قَدْ ضَلَلْتُ إِذًا وَّمَآ أَنَا مِنَ الْمُهْتَدِينَ ﴿٥٦﴾

فرماءِ ته آءٌ توهان جي خواهشن جي پيروي نه ڪندس، بيشڪ ان وقت آءٌ گمراه ٿيندس ۽ هدايت وارن مان نه ٿيندس ﴿٥٦﴾

قُلْ اِنِّيْ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَكَذَّبْتُمْ بِهٖ ؕ مَا عِنْدِيْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ بيشڪ آءٌ پنهنجي ربّ وٽان پڌري دليل تي آهيان ۽ توهان ان کي ڪوڙو ڪيو آهي.(عذاب يا

بِهٖ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ يَقُصُّ الْحَقَّ وَهُوَ خَيْرُ الْفٰصِلِيْنَ ﴿٥٧﴾ قُلْ

نشانين جي آڻڻ لاءِ) جيڪا جلد بازي توهان ڪريو ٿا، سا منهنجي وس ۾ نہ آهي (اهڙو) حڪم رڳو الله جي وس ۾ آهي. اهوئي حق
ڳالهہ چوي ٿو ۽ اهوئي حق ۽ باطل ۾ چڱيءَ طرح فرق ڪندڙ آهي ﴿٥٧﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ (عذاب جي باري ۾) جيڪا جلدبازي

لَّوْ اَنَّ عِنْدِيْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ لَقُضِيَ الْاَمْرُ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ؕ

توهان ڪريو ٿا، جيڪڏهن اها منهنجي وس ۾ هجي ها، تہ البت منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ معاملي جو فيصلو ٿي وڃي ها ۽

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٨﴾ وَعِنْدَهٗ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ لَا يَعْلَمُهَآ اِلَّا هُوَ ؕ

الله (عذاب ڏيڻ لاءِ) ظالمن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ﴿٥٨﴾ ۽ وٽس ئي غيب جون چابيون آهن، جنهن کي ان کان سواءِ ڪو نٿو ڄاڻي ۽

وَيَعْلَمُ مَا فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ؕ وَمَا تَسْقُطُ مِنْ وَّرَقَةٍ اِلَّا يَعْلَمُهَا

جيڪي ڪجهہ خشڪيءَ ۽ سمنڊ (يعني برّ ۽ بحر) ۾ آهي، (سڀ کي) ڄاڻي ٿو ۽ جيڪو بہ پَنُ (وڻن مان) هيٺ ڪري ٿو، ان کي بہ

وَلَا حَبَّةٍ فِيْ ظُلُمٰتِ الْاَرْضِ وَلَا رَطْبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ

ڄاڻي ٿو ۽ زمين جي اونداهين (يعني هيٺين تري) ۾ جيڪو بہ داڻو ۽ جيڪا بہ سائي ۽ سُڪي شيءِ آهي (سڀ) پڌري ڪتاب ۾

مُّبِيْنٍ ﴿٥٩﴾ وَهُوَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ بِالَّيْلِ وَيَعْلَمُ مَا جَرَحْتُمْ بِالنَّهَارِ

(لکيل) آهي ﴿٥٩﴾ ۽ اهو (الله ئي) آهي، جيڪو توهان کي رات جو ماري ٿو ۽ جيڪي ڪم توهان ڏينهن ۾ ڪريو ٿا، اهي بہ ڄاڻي ٿو،

ثُمَّ يَبْعَثُكُمْ فِيْهِ لِيُقْضٰٓى اَجَلٌ مُّسَمًّى ۚ ثُمَّ اِلَيْهِ مَرْجِعُكُمْ ثُمَّ

پوءِ توهان کي ڏينهن جو اٿاري ٿو تہ جيئن مقرر مدّت پوري ڪئي وڃي، پوءِ ان ڏانهن توهان کي موٽڻو آهي. پوءِ جيڪي عمل

ع ٧ ٥ ١٣ يُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٦٠﴾ ع وَهُوَ الْقَاهِرُ فَوْقَ عِبَادِهٖ وَيُرْسِلُ

توهان ڪريو ٿا، تن جي باري ۾ توهان کي خبر ڏيندو ﴿٦٠﴾ ۽ اهو (الله) پنهنجن ٻانهن تي غالب آهي ۽ توهان تي پنهنجا نگران

عَلَيْكُمْ حَفَظَةً ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَآءَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ تَوَفَّتْهُ رُسُلُنَا وَهُمْ

(فرشتا) موڪلي ٿو، تانجو جڏهن توهان مان ڪنهن تي موت (جو وقت) اچي ٿو تہ اسان جا موڪليل (فرشتا) ان جو ساهہ ڪڍن ٿا

لَا يُفَرِّطُوْنَ ﴿٦١﴾ ثُمَّ رُدُّوْۤا اِلَى اللّٰهِ مَوْلٰىهُمُ الْحَقِّ ؕ اَلَا لَهُ الْحُكْمُ ۟ قف

۽ اهي ڪا ڪوتاهي نٿا ڪن ﴿٦١﴾ پوءِ ڪين پنهنجي حقيقي مالڪ الله ڏانهن موٽايو وڃي ٿو. ٻڌو! سندس ئي حڪم آهي

وَهُوَ اَسْرَعُ الْحٰسِبِيْنَ ﴿٦٢﴾ قُلْ مَنْ يُّنَجِّيْكُمْ مِّنْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ

۽ اهو سڀ کان تيز حساب وٺندڙ آهي ﴿٦٢﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ توهان کي خشڪي ۽ سمنڊ (يعني برّ ۽ بحر) جي

وَالْبَحْرِ تَدْعُوْنَهٗ تَضَرُّعًا وَّ خُفْيَةً ۚ لَئِنْ اَنْجٰىنَا مِنْ هٰذِهٖ

اونداهين (۽ سختين) مان ڪير بچائي ٿو؟ (جڏهن) توهان ان (الله) کي عاجزيءَ سان ۽ آهستي سڏيو ٿا تہ (يا الله!)

لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿٦٣﴾ قُلِ اللّٰهُ يُنَجِّيْكُمْ مِّنْهَا وَمِنْ كُلِّ

جيڪڏهن اسان کي هن (سختيءَ) کان نجات ڏيندين تہ اسين ضرور شڪر ڪندڙن مان ٿينداسون ﴿٦٣﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ

كَرْبٍ ثُمَّ اَنْتُمْ تُشْرِكُوْنَ ﴿٦٤﴾ قُلْ هُوَ الْقَادِرُ عَلٰۤى اَنْ يَّبْعَثَ

تہ الله ئي توهان کي انهن (سيني سختين ۽ مصيبتن) ۽ هر قسم جي رنجَ کان نجات ڏيندو آهي، پوءِ بہ توهان الله سان شرڪ ڪريو
ٿا ﴿٦٤﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ الله اها قدرت رکندڙ آهي تہ توهان جي مٿان (يعني آسمان تان)، يا توهان جي پيرن جي هيٺان

عَلَيْكُمْ عَذَابًا مِّنْ فَوْقِكُمْ اَوْ مِنْ تَحْتِ اَرْجُلِكُمْ اَوْ يَلْبِسَكُمْ

(يعني زمين جي هيٺان) توهان تي عذاب موڪلي يا توهان کي ٽولين ۾ ورهائي (۽ ويڙهائي) ۽ توهان کي

شِيَعًا وَّيُذِيْقَ بَعْضَكُمْ بَاْسَ بَعْضٍ ؕ اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ

هڪ ٻئي (جي ويڙهہ) جي عذاب جو مزو چکائي. ڏس تہ اسين ڪيئن آيتون کولي بيان ڪريون ٿا تہ مَنَ اهي

لَعَلَّهُمْ يَفْقَهُوْنَ ﴿٦٥﴾ وَكَذَّبَ بِهٖ قَوْمُكَ وَهُوَ الْحَقُّ ؕ قُلْ لَّسْتُ

سوچ ۽ سمجهہ کان ڪم وٺن ﴿٦٥﴾ ۽ تنهنجي قوم هن (قرآن) کي ڪوڙو ڪيو ۽ اهو سراسر سچ آهي. فرماءِ تہ آءٌ توهان تي

عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ ﴿٦٦﴾ لِكُلِّ نَبَاٍ مُّسْتَقَرٌّ وَّسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَ اِذَا

نگهبان نہ آهيان ﴿٦٦﴾ (الله جي خبرن مان) هر خبر لاءِ هڪ وقت مقرر آهي ۽ سگهوئي توهان ڄاڻندا ﴿٦٧﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!)

رَاَيْتَ الَّذِيْنَ يَخُوْضُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ حَتّٰى يَخُوْضُوْا

جڏهن ڏسين، انهن ماڻهن کي جيڪي اسان جي آيتن کي (ڪوڙوڪن ٿا ۽ انهن تي) ٺٺوليون ڪن ٿا تہ انهن کان منهن

فِيْ حَدِيْثٍ غَيْرِهٖ ؕ وَ اِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى

موڙ تانجو ڪنهن ٻيءَ ڳالھ ۾ مشغول ٿين ۽ جيڪڏهن شيطان توکان اها ڳالھ ڀلائي (۽ساڻن گڏ ويهين) تہ ياد اچڻ کان

مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٦٨﴾ وَمَا عَلَى الَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ

پوءِ ظالم ماڻهن سان گڏ نہ ويھ ﴿٦٨﴾ ۽ جيڪي ماڻهو (وڏن گناهن کان) بچن ٿا، تن تي (ٺٺوليون ڪندڙن جو) ڪو حساب نہ

شَيْءٍ وَّلٰكِنْ ذِكْرٰى لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿٦٩﴾ وَذَرِ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَهُمْ

آهي ۽ پر (قرآن) نصيحت آهي تہ مَنَ اهي (ٺٺوليون ڪرڻ کان) بچن ﴿٦٩﴾ ۽ جن ماڻهن پنهنجي دين کي راند ۽ تماشو

لَعِبًا وَّلَهْوًا وَّغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَذَكِّرْ بِهٖٓ اَنْ تُبْسَلَ نَفْسٌ

بڻايو آهي ۽ ڪين دنياوي زندگي دوکي ۾ وجهي ڇڏيو آهي ، تن کي ڇڏي ڏي ۽ هن (قرآن سان) ڪين نصيحت ڪر،

بِمَا كَسَبَتْ ۖ لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ ۚ وَاِنْ

جيئن (گناهن کان بچن ۽ قيامت جي ڏينهن) ڪو شخص پنهنجن عملن جي سزا سبب هلاڪت ۾ نہ پوي. (ان ڏينهن) الله

تَعْدِلْ كُلَّ عَدْلٍ لَّا يُؤْخَذْ مِنْهَا ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اُبْسِلُوْا بِمَا كَسَبُوْا ۚ

کان سواءِ سندس نہ ڪو دوست هوندو ۽ نہ ڪو شفاعت ڪندڙ هوندو ۽ جيڪڏهن (پوري دنيا ۽ جيڪي ڪجھ منجهس آهي، سو
سڀ بدلي ۾) فديي ۾ ڏيندو تہ بہ ان کان قبول نہ ڪيو ويندو، اهي ئي ماڻهو آهن ، جيڪي پنهنجن ڪرتوتن جي سبب هلاڪت

ع ٨ ١٠ ١٤ لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ حَمِيْمٍ وَّعَذَابٌ اَلِيْمٌۢ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٠﴾ قُلْ

۾ وڌا ويا. انهن لاءِ سندن ڪرتوتن (۽ ڪفر) جي ڪري ٿهڪندڙ پاڻي ۽ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿٧٠﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ ڇا

اَنَدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُنَا وَلَا يَضُرُّنَا وَ نُرَدُّ عَلٰٓى

الله کان سواءِ انھن (بتن) کي سڏيون، جيڪي نہ اسان کي فائدو ڏين ٿا ۽ نہ نقصان ڏين ٿا ۽ (جڏھن) الله اسان کي ھدايت ڏني

اَعْقَابِنَا بَعْدَ اِذْ هَدٰىنَا اللّٰهُ كَالَّذِى اسْتَهْوَتْهُ الشَّيٰطِيْنُ فِى

آھي تہ (چا) پوءِ بہ پوئين پيرين (گمراھيءَ ڏانھن) ڦري وڃون، ان شخص وانگر جنھن کي شيطانن زمين (يعني رڻ پٽ) ۾ رُلائي،

الْاَرْضِ حَيْرَانَ ص لَهٗٓ اَصْحٰبٌ يَّدْعُوْنَهٗٓ اِلَى الْهُدَى ائْتِنَا ط قُلْ

حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو ھجي، سندس ڪي ساٿي ڪيس سڌي رستي ڏانھن سڏيندا ھجن تہ اسان ڏانھن ھليو اچ. فرماءِ تہ

اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى ط وَ اُمِرْنَا لِنُسْلِمَ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٧١﴾ لا

بيشڪ الله جي ھدايت ئي (اصل) ھدايت آھي ۽ اسان کي حڪم ڪيو ويو آھي تہ اسين جھانن جي ربّ جا فرمانبردار ٿيون ﴿٧١﴾

وَ اَنْ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّقُوْهُ ط وَهُوَ الَّذِىْٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٧٢﴾ وَ هُوَ

۽ ھيءُ تہ نماز قائم ڪريو ۽ الله کان ڊڄو ۽ اھو (الله) ئي آھي جنھن ڏانھن توھان کي گڏ ڪيو ويندو ﴿٧٢﴾ ۽ اھو الله ئي آھي،

الَّذِىْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ط وَيَوْمَ يَقُوْلُ كُنْ فَيَكُوْنُ ە ط الثلٰثة

جنھن آسمانن ۽ زمين کي حق سان پيدا فرمايو ۽ (اي محمد ﷺ! ياد ڪر) انھيءَ ڏينھن کي جڏھن الله فرمائيندو تہ "ٿيءُ" تہ

قَوْلُهُ الْحَقُّ ط وَلَهُ الْمُلْكُ يَوْمَ يُنْفَخُ فِى الصُّوْرِ ط عٰلِمُ الْغَيْبِ

ٿي پوندو. سندس ڳالھ سچي آھي ۽ جنھن ڏينھن صور ۾ ڦوڪيو ويندو (تنھن ڏينھن) بادشاھي سندس ئي ھوندي. ڳجھ ۽

وَالشَّهَادَةِ ط وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿٧٣﴾ وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ اٰزَرَ

ظاھر جو ڄاڻندڙ آھي ۽ اھوئي حڪمت وارو، باخبر آھي ﴿٧٣﴾ ۽ (ياد ڪر) جڏھن ابراھيم (عليه السلام) پنھنجي پيءُ آزر کي

اَتَتَّخِذُ اَصْنَامًا اٰلِهَةً ج اِنِّىْٓ اَرٰىكَ وَ قَوْمَكَ فِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٧٤﴾

چيو تہ چا بتن کي پنھنجو معبود بڻائين ٿو؟ بيشڪ آءٌ تو کي ۽ تنھنجي قوم کي پڌري گمراھيءَ ۾ ڏسان ٿو ﴿٧٤﴾

وَكَذٰلِكَ نُرِيٓ اِبۡرٰهِيۡمَ مَلَكُوۡتَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَلِيَكُوۡنَ

۽ اهڙي طرح ابراهيم (عليه السلام) کي (سندس پيءُ جي خراب ڪمن جي خلاف) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ڏيکاري سون ته

مِنَ الۡمُوۡقِنِيۡنَ ﴿٧٥﴾ فَلَمَّا جَنَّ عَلَيۡهِ الَّيۡلُ رَاٰ كَوۡكَبًا ۚ قَالَ هٰذَا

جيئن (الله جي خالق هئڻ تي دليل وٺي ۽) يقين ڪندڙن مان ٿئي ﴿٧٥﴾ پوءِ جڏهن مٿس رات (جي اونده) ڇانئجي وئي،

رَبِّيۡ ۚ فَلَمَّاۤ اَفَلَ قَالَ لَاۤ اُحِبُّ الۡاٰفِلِيۡنَ ﴿٧٦﴾ فَلَمَّا رَاَ الۡقَمَرَ بَازِغًا

هڪ تاري کي ڏٺائين. چيائين ته هيءُ منهنجو ربّ آهي. پوءِ جڏهن تارو لهي ويو ته ابراهيم چيو ته آءٌ غائب ٿيندڙن کي پسند نٿو
ڪريان، (ڇاڪاڻ ته اهڙي شيءِ فنا ٿيندڙ ۽ الله جي خلقيل هوندي آهي.) ﴿٧٦﴾ پوءِ جڏهن چنڊ کي چمڪندي ڏٺائين،

قَالَ هٰذَا رَبِّيۡ ۚ فَلَمَّاۤ اَفَلَ قَالَ لَئِنۡ لَّمۡ يَهۡدِنِيۡ رَبِّيۡ لَاَكُوۡنَنَّ

چيائين ته هيءُ منهنجو ربّ آهي، پوءِ جڏهن اهو به لهي ويو، چيائين ته جيڪڏهن منهنجو ربّ مون کي هدايت نه ڪندو ته پڪ آءٌ

مِنَ الۡقَوۡمِ الضَّآلِّيۡنَ ﴿٧٧﴾ فَلَمَّا رَاَ الشَّمۡسَ بَازِغَةً قَالَ هٰذَا رَبِّيۡ

گمراهن مان ٿيندس ﴿٧٧﴾ پوءِ جڏهن چمڪندڙ سج کي ڏٺائين، چيائين ته هيءُ منهنجو ربّ آهي، هيءُ سڀ کان وڏو آهي. پوءِ

هٰذَاۤ اَكۡبَرُ ۚ فَلَمَّاۤ اَفَلَتۡ قَالَ يٰقَوۡمِ اِنِّيۡ بَرِيۡٓءٌ مِّمَّا تُشۡرِكُوۡنَ ﴿٧٨﴾

جڏهن اهو به لهي ويو، چيائين ته اي منهنجي قوم! جن شين کي توهان (الله سان) شريڪ ڪريو ٿا، آءٌ انهن کان بيزار آهيان ﴿٧٨﴾

اِنِّيۡ وَجَّهۡتُ وَجۡهِيَ لِلَّذِيۡ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ حَنِيۡفًا وَّمَاۤ

بيشڪ مون پنهنجي دين کي الله لاءِ خالص ڪيو، جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا فرمايو، باطل کي ڇڏي حق ڏانهن متوجّه

اَنَا مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿٧٩﴾ وَحَآجَّهٗ قَوۡمُهٗ ؕ قَالَ اَتُحَآجُّوۡٓنِّيۡ فِي اللّٰهِ

ٿيڻ وارو آهيان ۽ آءٌ مشرڪن مان نه آهيان ﴿٧٩﴾ ۽ سندس قوم ساڻس جهڳڙو ڪيو. (ڪين) چيائين ته ڇا توهان مون سان الله جي

وَقَدۡ هَدٰىنِ ؕ وَلَاۤ اَخَافُ مَا تُشۡرِكُوۡنَ بِهٖۤ اِلَّاۤ اَنۡ يَّشَآءَ رَبِّيۡ شَيۡـًٔا ؕ

(توحيد جي) باري ۾ جهڳڙو ڪريو ٿا؟ ۽ انهيءَ مون کي هدايت عطا فرمائي آهي ۽ آءٌ انهن (باطل معبودن) کان نٿو ڊڄان، جن

وَسِعَ رَبِّيْ كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ؕ اَفَلَا تَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۸۰﴾ وَكَيْفَ اَخَافُ مَآ

كي توهان الله سان شريڪ ڪريو ٿا، مگر هيءُ ته منهنجو ربّ ڪجهه گهري. بيشڪ منهنجي ربّ هر شيءِ کي علم سان گهيري
رکيو آهي. (يعني ڪا شيءِ ان کان ڳجهي نه آهي.) ڇا پوءِ نصيحت نٿا قبول ڪريو؟ ﴿۸۰﴾ ۽ آءٌ ڪيئن ڊڄان انهن (باطل

اَشْرَكْتُمْ وَلَا تَخَافُوْنَ اَنَّكُمْ اَشْرَكْتُمْ بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ

معبودن) کان جن کي توهان شريڪ ڪريو ٿا، جڏهن ته توهان نٿا ڊڄو جو توهان الله سان (بتن کي) شريڪ ڪريو ٿا، جن جي

عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا ؕ فَاَيُّ الْفَرِيْقَيْنِ اَحَقُّ بِالْاَمْنِ ۚ اِنْ كُنْتُمْ

باري ۾ الله توهان تي ڪو دليل نه لاٿو آهي، پوءِ ٻنهي ڌرين مان (عذاب کان) امن جو وڌيڪ حقدار ڪير آهي (موحد يا مشرڪ؟)

وقف لازم

تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۱﴾ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ يَلْبِسُوْٓا اِيْمَانَهُمْ بِظُلْمٍ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ

جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا ﴿۸۱﴾ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ ايمان ۾ ظلم (۽ ڪفر) نه ملايائون، تن کي ئي (عذاب کان) امن نصيب ٿيندو ۽

ع ۹ ۱۲ ۱۵

الْاَمْنُ وَهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿۸۲﴾ ع وَتِلْكَ حُجَّتُنَآ اٰتَيْنٰهَآ اِبْرٰهِيْمَ عَلٰى قَوْمِهٖ ؕ

اهي ئي (الله جي دين جي) سڌي واٽ وارا آهن ﴿۸۲﴾ اها اسان جي حجت هئي، جيڪا ابراهيم (عليه السلام) کي سندس قوم جي

نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿۸۳﴾ وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اِسْحٰقَ

خلاف ڏني سون. جنهن جا گهرون ٿا، درجا بلند ڪريون ٿا. بيشڪ تنهنجو ربّ حڪمت وارو علم وارو آهي ﴿۸۳﴾ ۽ ابراهيم کي

وَيَعْقُوْبَ ؕ كُلًّا هَدَيْنَا ۚ وَنُوْحًا هَدَيْنَا مِنْ قَبْلُ وَمِنْ ذُرِّيَّتِهٖ دَاوٗدَ

اسحاق ۽ يعقوب بخشياسون. هر هڪ کي هدايت ڏني سون ۽ ان کان اڳ نوح کي هدايت عطا بخشي سون ۽ سندس اولاد

وَسُلَيْمٰنَ وَاَيُّوْبَ وَيُوْسُفَ وَمُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِي

مان دائود ۽ سليمان ۽ ايوب ۽ يوسف ۽ موسيٰ ۽ هارون (عليهم السلام) آهن. اهڙي طرح نيڪي ڪندڙن کي بدلو ڏيندا

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۸۴﴾ لا وَزَكَرِيَّا وَيَحْيٰى وَعِيْسٰى وَاِلْيَاسَ ؕ كُلٌّ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۸۵﴾ لا

آهيون ﴿۸۴﴾ ۽ (سندس اولاد مان) زڪريا ۽ يحيٰ ۽ عيسيٰ ۽ الياس (عليهم السلام کي هدايت ڏني سون). سڀ صالح هئا ﴿۸۵﴾

وَاِسْمٰعِيْلَ وَالْيَسَعَ وَيُوْنُسَ وَلُوْطًا ؕ وَكُلًّا فَضَّلْنَا عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ۙ﴿٨٦﴾

۽ اسماعيل ۽ يسع ۽ يونس ۽ لوط کي (هدايت ڏني سون) ۽ سڀني کي (سندن زماني ۾) جهانن وارن تي فضيلت ڏني سون ﴿٨٦﴾

وَمِنْ اٰبَآئِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ وَاِخْوَانِهِمْ ۚ وَاجْتَبَيْنٰهُمْ وَهَدَيْنٰهُمْ اِلٰى

۽ سندن ابن ڏاڏن ۽ سندن اولاد ۽ سندن ڀائرن مان ڪي آهن، جن کي (فضيلت بخشي سون) ۽ کين چونڊيوسون ۽ کين

صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٨٧﴾ ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ

سڌي واٽ ونائي سون ﴿٨٧﴾ اها الله جي هدايت آهي، پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهري ٿو، هدايت ڏي ٿو ۽ جيڪڏهن

عِبَادِهٖ ؕ وَلَوْ اَشْرَكُوْا لَحَبِطَ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٨٨﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ

اهي (الله جا پيارا ٻانها به) شرڪ ڪن ها ته سندن عمل ڇٽي وڃن ها ﴿٨٨﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن کي اسان ڪتاب ۽ دانائي ۽

اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ۚ فَاِنْ يَّكْفُرْ بِهَا هٰٓؤُلَآءِ فَقَدْ وَكَّلْنَا بِهَا

پيغمبري ڏني. پوءِ جيڪڏهن اهي (يهودي) ان جو ڪفر ڪن ٿا ته تحقيق اسان اهڙي قوم (يعني مهاجرن ۽ انصارن) کي چونڊيو

قَوْمًا لَّيْسُوْا بِهَا بِكٰفِرِيْنَ ﴿٨٩﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ فَبِهُدٰىهُمُ

آهي، جيڪي ان جو ڪفر ڪندڙ نه آهن ﴿٨٩﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن کي الله هدايت ڏني، پوءِ سندن هدايت جي پيروي ڪر.

اقْتَدِهْ ؕ قُلْ لَّآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٰى لِلْعٰلَمِيْنَ ﴿٩٠﴾ ع وَمَا ١٠ ع ١٦

(اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته رسالت جي تبليغ تي توهان کان اجر نٿو گهران. اهو (قرآن) جهان وارن لاءِ نصيحت آهي ﴿٩٠﴾ ۽ انهن

قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖٓ اِذْ قَالُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى بَشَرٍ مِّنْ شَيْءٍ ؕ قُلْ

(لعنتي يهودين) الله (جي صفتن جي عظمت) جو ايترو قدر نه ڪيو، جيترو قدر سندس حق آهي، جڏهن انهن چيو ته الله ڪنهن

مَنْ اَنْزَلَ الْكِتٰبَ الَّذِيْ جَآءَ بِهٖ مُوْسٰى نُوْرًا وَّهُدًى لِّلنَّاسِ تَجْعَلُوْنَهٗ

بشر تي (آسماني ڪتاب) نه لاٿو آهي (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته ڪنهن لاٿو اهو ڪتاب جيڪو موسيٰ آندو؟ جنهن ۾ ماڻهن لاءِ نور ۽

قَرَاطِيْسَ تُبْدُوْنَهَا وَتُخْفُوْنَ كَثِيْرًا ۚ وَعُلِّمْتُمْ مَّا لَمْ تَعْلَمُوْٓا اَنْتُمْ وَلَآ

هدايت هئي، جنهن کي ڪاغذن تي لکو ٿا (ان جو) ڪجھ حصو (ورق ورق ڪري) ظاهر ڪريو ٿا ۽ گھڻو لڪايو ٿا ۽ توهان کي اهو علم عطا
ڪيو ويو، جو نہ توهان ڄاڻندا هئا ۽ نہ توهان جا ابا ڏاڏا (ڄاڻندا هئا. پوءِ توهان ان کي ضايع ڪري ڇڏيو. اي محمد ﷺ !) فرماءِ تہ الله

اٰبَآؤُكُمْ ؕ قُلِ اللّٰهُ ۙ ثُمَّ ذَرْهُمْ فِيْ خَوْضِهِمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿٩١﴾ وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ

(ٺئي هيءُ قرآن لاٿو آهي.) پوءِ کين ڇڏي ڏي تہ پنهنجين فضول ڳالهين ۾ کيڏن ﴿٩١﴾ ۽ هيءُ هڪ مبارڪ ڪتاب آهي، جيڪو اسان

مُبٰرَكٌ مُّصَدِّقُ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَلِتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَمَنْ حَوْلَهَا ؕ وَ

لاٿو آهي. سچو ڪندڙ آهي، انهن (ڪتابن) کي جيڪي ان کان اڳ هئا ۽ جيئن مڪي وارن ۽ جيڪي ان جي چوڌاري آهن، (بلڪ

الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَهُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ﴿٩٢﴾

سڀني انسانن کي) ڊيڄارين ۽ جيڪي آخرت تي ايمان رکن ٿا، اهي ان تي ايمان رکن ٿا ۽ پنهنجين نمازن جي حفاظت ڪن ٿا ﴿٩٢﴾

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ قَالَ اُوْحِيَ اِلَيَّ وَلَمْ يُوْحَ اِلَيْهِ

۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جيڪو الله تي بهتان هڻي يا چوي تہ مون ڏانهن بہ وحي ڪيو ويو آهي ۽ ان ڏانهن وحي نہ ڪيو

شَيْءٌ وَّمَنْ قَالَ سَاُنْزِلُ مِثْلَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ ؕ وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الظّٰلِمُوْنَ فِيْ

ويو هجي ۽ جيڪو چوي (يعني مسيلمه ڪذاب ۽ اسود عنسي) تہ سگهوئي آءٌ (بہ اهڙو قرآن) نازل ڪندس، جهڙو الله نازل

غَمَرٰتِ الْمَوْتِ وَالْمَلٰٓئِكَةُ بَاسِطُوْٓا اَيْدِيْهِمْ ۚ اَخْرِجُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ اَلْيَوْمَ

فرمايو آهي ۽ (اي محمد ﷺ!) جيڪر ظالمن کي موت جي سڪرات وقت ڏسين ۽ فرشتا پنهنجا هٿ وڌائي چوندا تہ پنهنجين جانين

تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ وَكُنْتُمْ عَنْ

کي ڪيو! اڄ توهان کي خوار ڪندڙ عذاب ڏنو ويندو، ڇاڪاڻ تہ توهان الله جي باري ۾ ناحق ڳالهيون چوندا هئا ۽ سندس آيتن

اٰيٰتِهٖ تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٩٣﴾ وَلَقَدْ جِئْتُمُوْنَا فُرَادٰى كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّتَرَكْتُمْ

کان وڏائي ڪندا هئا ﴿٩٣﴾ ۽ (قيامت جي ڏينهن ڪافرن کي چيو ويندو تہ) بيشڪ توهان اسان وٽ اڪيلا (۽ هٿين خالي) آيا آهيو،

مَّا خَوَّلْنٰكُمْ وَرَآءَ ظُهُوْرِكُمْ ۚ وَمَا نَرٰى مَعَكُمْ شُفَعَآءَكُمُ الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ اَنَّهُمْ

جيئن توهان کي پهريون ڀيرو پيدا ڪيوسون ۽ جيڪي ڪجهه دنيا ۾ توهان کي ڏنوسون، سڀ پنهنجي پويان

فِيْكُمْ شُرَكٰٓؤُا ۗ لَقَدْ تَّقَطَّعَ بَيْنَكُمْ وَضَلَّ عَنْكُمْ مَّا كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٩٤﴾ ع ١١ ع ٤ ١٧

ڇڏي آيا ۽ (اڄ) اسين توهان جا اهي سفارشي نٿا ڏسون، جن جي باري ۾ توهان دعويٰ ڪندا هئا ته اهي توهان جا معبود آهن،
بيشڪ توهان جي وچ ۾ اڄ لاڳاپا ختم ٿي چڪا ۽ توهان جا اِهي (معبود) ويندا رهيا، جن جي حقّ ۾ توهان دعويٰ ڪندا هئا ﴿٩٤﴾

اِنَّ اللّٰهَ فَالِقُ الْحَبِّ وَالنَّوٰى ۗ يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَمُخْرِجُ الْمَيِّتِ مِنَ

بيشڪ الله داڻي ۽ ککڙيءَ کي ڦاٽائي ٿو ۽ مئي مان جيئري کي ڪڍي ٿو ۽ جيئري مان مئي کي ڪڍندڙ آهي، اهو ئي

الْحَيِّ ۗ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿٩٥﴾ فَالِقُ الْاِصْبَاحِ ۚ وَجَعَلَ الَّيْلَ سَكَنًا

توهان جو الله آهي پوءِ توهان (حق کي ڇڏي) ڪيڏانهن ڦيرايا وڃو ٿا ﴿٩٥﴾ پرهه ڦٽائيندڙ آهي ۽ (الله ئي آهي،

وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ حُسْبَانًا ۗ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ﴿٩٦﴾ وَهُوَ الَّذِيْ

جنهن) رات کي سڪون بخشيندڙ بڻايو ۽ سج ۽ چنڊ کي (وقتن جي) حساب لاءِ پيدا ڪيائين (جيڪي هڪ ٻئي کان اڳرائي نٿا ڪن.) اها
ئي (الله) غالب علم واري جي تقدير آهي﴿٩٦﴾ اهو الله ئي آهي، جنهن توهان لاءِ تارن کي مقرر فرمايو ته جيئن انهن جي ذريعي

جَعَلَ لَكُمُ النُّجُوْمَ لِتَهْتَدُوْا بِهَا فِيْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ۗ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ

خشڪي ۽ سمنڊ جي اونداهين ۾ رستا لهو. بيشڪ اسان پنهنجيون روشن آيتون انهيءَ قوم لاءِ بيان ڪري ڇڏيون آهن،

لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٩٧﴾ وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ فَمُسْتَقَرٌّ

جيڪي ڄاڻن ٿا ﴿٩٧﴾ الله ئي آهي، جنهن توهان کي هڪ جيءَ (يعني آدم عليه السلام) مان خلقيو، پوءِ هر هڪ لاءِ رهڻ جي جاءِ ۽

وَّمُسْتَوْدَعٌ ۗ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّفْقَهُوْنَ ﴿٩٨﴾ وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنَ

موٽڻ جي جاءِ آهي. بيشڪ اسان پنهنجيون آيتون ان قوم لاءِ کولي بيان ڪيون آهن، جيڪي سمجهن ٿا ﴿٩٨﴾ اهو الله ئي آهي،

السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ نَبَاتَ كُلِّ شَيْءٍ فَاَخْرَجْنَا مِنْهُ خَضِرًا نُّخْرِجُ

جنهن آسمان مان پاڻي لاٿو ، پوءِ ان جي ذريعي هر شيءِ جا اوپڙ ڪيون ٿا، پوءِ ان جي ذريعي ساوڪ کي ڦٽايون ٿا،

مِنْهُ حَبًّا مُّتَرَاكِبًا ۚ وَمِنَ النَّخْلِ مِنْ طَلْعِهَا قِنْوَانٌ دَانِيَةٌ وَّجَنّٰتٍ

جنهن مان سٽيل داڻا (يعني سنگ) ڪڍون ٿا ۽ ڪجين جي ٻور مان ڪارڪن جا گوشا ڪڍون ٿا ۽ انگورن ۽ زيتون ۽

مِّنْ اَعْنَابٍ وَّالزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُشْتَبِهًا وَّغَيْرَ مُتَشَابِهٍ ؕ اُنْظُرُوْٓا اِلٰى

ڏاڙهن جا هڪجهڙا ۽ مختلف قسمن جا باغ آهن. انهن جي ميون ۽ انهن جي پچڻ ڏانهن ڏسو. بيشڪ توهان

ثَمَرِهٖٓ اِذَآ اَثْمَرَ وَيَنْعِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكُمْ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٩٩﴾ وَجَعَلُوْا

جي ان (انتظام ۾) نشانيون آهن، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي (محشر ۾ گڏ ٿيڻ تي) ايمان رکن ٿا ﴿٩٩﴾ ۽ انهن جنن مان الله جا شريڪ

لِلّٰهِ شُرَكَآءَ الْجِنَّ وَخَلَقَهُمْ وَخَرَقُوْا لَهٗ بَنِيْنَ وَبَنٰتٍۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ سُبْحٰنَهٗ

مقرر ڪيا، حالانڪ ڪين الله ئي پيدا ڪيو آهي ۽ علم کان سواءِ سندس لاءِ پٽ ۽ ڌيئرون مقرر ڪيون اٿن. الله پاڪ ۽ بلند آهي،

وَتَعٰلٰى عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٠٠﴾ ع بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اَنّٰى يَكُوْنُ لَهٗ وَلَدٌ وَّلَمْ ع ١٢ ٦ ١٨

انهن ڳالهين کان جيڪي اهي گهڙين ٿا ﴿١٠٠﴾ آسمانن ۽ زمين کي نئين سر پيدا ڪندڙ آهي. سندس اولاد ڪيئن ٿي سگهي ٿو،

تَكُنْ لَّهٗ صَاحِبَةٌ ؕ وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ ۚ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١٠١﴾ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ

جڏهن ته سندس زال ئي نه آهي ۽ اهو هر شيءِ کي پيدا ڪندڙ ۽ هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ﴿١٠١﴾ اهو ئي توهان جو ربّ الله آهي،

رَبُّكُمْ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ فَاعْبُدُوْهُ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

جنهن کان سواءِ ڪو معبود نه آهي، هر شيءِ جو پيدا ڪندڙ آهي. پوءِ سندس ئي عبادت ڪريو ۽ اهو هر شيءِ تي نگران آهي ﴿١٠٢﴾

وَّكِيْلٌ ﴿١٠٢﴾ لَا تُدْرِكُهُ الْاَبْصَارُ ۫ وَهُوَ يُدْرِكُ الْاَبْصَارَ ۚ وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ﴿١٠٣﴾

(دنيا ۾) ڪيس اکيون ڏسي نٿيون سگهن ۽ اهو اکين کي ڏسي ٿو ۽ اهو (دوستن تي) گهڻو مهربان، خبر رکندڙ آهي ﴿١٠٣﴾

قَدْ جَآءَكُمْ بَصَآئِرُ مِنْ رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنْ اَبْصَرَ فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ عَمِيَ فَعَلَيْهَا ؕ

بيشڪ توهان وٽ توهان جي ربّ جي طرفان روشن دليل (يعني قرآن مجيد) اچي چڪو، پوءِ جيڪو اکيون کوليندو ته پنهنجي

وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ ﴿١٠٤﴾ وَكَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ وَلِيَقُوْلُوْا دَرَسْتَ وَلِنُبَيِّنَهٗ

فائدي لاءِ (اکيون کولينديو) ۽ جيڪو انڌو ٿيندو، تہ پنهنجو ئي نقصان ڪندو ۽ آءٌ توهان (جي عملن) تي نگران نہ آهيان ﴿١٠٤﴾ ۽ اهڙيءَ طرح
پنهنجيون آيتون کولي بيان ڪريون ٿا ۽ جيئن (ڪافر) چون تہ تو (اهل ڪتاب کان) سِکيا ورتي آهي ۽ جيئن ان کي انهن ماڻهن لاءِ روشن

لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿١٠٥﴾ اِتَّبِعْ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ وَاَعْرِضْ

ڪريون، جيڪي ڄاڻن ٿا ﴿١٠٥﴾ (اي محمد ﷺ!) تو ڏانهن تنهنجي ربّ وٽان جو وحي موڪليو ويو آهي، ان جي پيروي ڪر. ان کان سواءِ

عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٠٦﴾ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَآ اَشْرَكُوْا ۗ وَمَا جَعَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ۚ

ڪو معبود نہ آهي ۽ مشرڪن کان منهن موڙ ﴿١٠٦﴾ ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ اهي شرڪ نہ ڪن ها ۽ (اي محمد ﷺ!) اسان تو کي انهن تي

وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ﴿١٠٧﴾ وَلَا تَسُبُّوا الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

نگران نہ ڪيو آهي ۽ نہ تون مٿن وڪيل آهين ﴿١٠٧﴾ ۽ الله جي بجاءِ جن (بتن) کي سڏن ٿا، تن کي گهٽ نہ وڌ ڳالهايو، پوءِ مشرڪ

فَيَسُبُّوا اللّٰهَ عَدْوًاۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۗ كَذٰلِكَ زَيَّنَّا لِكُلِّ اُمَّةٍ عَمَلَهُمْ ۖ ثُمَّ اِلٰى

اڻ ڄاڻائيءَ ۾ دشمنيءَ وچان الله کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا. اهڙي طرح اسان هر امت لاءِ سندن عملن کي سينگاريو آهي، پوءِ

رَبِّهِمْ مَّرْجِعُهُمْ فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٠٨﴾ وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ

سندن موٽڻ سندن ربّ ڏانهن آهي، پوءِ جيڪي عمل اهي ڪن ٿا، تن جي باري ۾ کين خبر ڏيندو ﴿١٠٨﴾ ۽ (مشرڪ) الله جا وڏا قسم

اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَآءَتْهُمْ اٰيَةٌ لَّيُؤْمِنُنَّ بِهَا ۗ قُلْ اِنَّمَا الْاٰيٰتُ عِنْدَ اللّٰهِ وَمَا

کڻي چون ٿا تہ جيڪڏهن وٽن ڪا نشاني آئي تہ ضرور ان تي ايمان آڻيندا. (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ نشانيون تہ الله وٽ آهن ۽

يُشْعِرُكُمْ ۙ اَنَّهَآ اِذَا جَآءَتْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠٩﴾ وَنُقَلِّبُ اَفْـِٕدَتَهُمْ وَاَبْصَارَهُمْ

تو کي ڪير ڄاڻائي تہ جڏهن اها (نشاني ايندي) تہ بہ (ڪافر) ايمان نہ آڻيندا ﴿١٠٩﴾ ۽ اسان سندن دلين ۽ سندن اکين کي

١٣ ع ١٠ ١٩ كَمَا لَمْ يُؤْمِنُوْا بِهٖٓ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّنَذَرُهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿١١٠﴾ ع

ڦيرائيندا رهون ٿا، جيئن پهرئين ڀيري انهن ايمان نہ آندو ۽ کين سندن گمراهيءَ ۾ ڀٽڪندي ڇڏي ڏيون ٿا ﴿١١٠﴾

وَلَوْ اَنَّنَا نَزَّلْنَآ اِلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةَ وَكَلَّمَهُمُ الْمَوْتٰى وَحَشَرْنَا عَلَيْهِمْ

۽ جيڪڏهن اسين انهن ڏانهن فرشتا لاهيون ۽ ساڻن مُئا ڳالهيون ڪن ۽ (دنيا جي) هر هڪ شيءِ کي

كُلَّ شَيْءٍ قُبُلًا مَّا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْٓا اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ وَلٰكِنَّ

سندن سامهون گڏ ڪريون، تڏهن به اهي ايمان آڻڻ وارا نه آهن، مگر هيءَ ته الله گهري ۽ پر انهن مان گهڻا

اَكْثَرَهُمْ يَجْهَلُوْنَ ﴿١١١﴾ وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِيٍّ عَدُوًّا شَيٰطِيْنَ

ماڻهو ناداني ڪن ٿا ﴿١١١﴾ ۽ اهڙي طرح اسان هر نبيءَ (جا درجا بلند ڪرڻ) لاءِ انسانن ۽ جنن مان شيطانن کي دشمن

الْاِنْسِ وَالْجِنِّ يُوْحِيْ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ زُخْرُفَ الْقَوْلِ غُرُوْرًا ۭ

مقرر ڪيو آهي، جيڪي دوکو ڏيڻ لاءِ هڪ ٻئي جي مَنَ ۾ فريبي ڳالهيون (يعني وسوسا) وجهن ٿا ۽ جيڪڏهن

وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ مَا فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُوْنَ ﴿١١٢﴾ وَلِتَصْغٰٓى

تنهنجو ربّ گهري ها ته ائين نه ڪن ها پوءِ انهن کي ۽ جيڪي ٺاهه ٺاهين ٿا، تن کي ڇڏي ڏي ﴿١١٢﴾ ۽ جيئن انهن ماڻهن جون

اِلَيْهِ اَفْـِٕدَةُ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ وَلِيَرْضَوْهُ وَلِيَقْتَرِفُوْا

دليون انهن (فريبي ڳالهين ڏانهن) لاڙو ڪن، جيڪي آخرت تي ايمان نٿا رکن ۽ جيئن ان تي راضي رهن ۽ جيڪي گناه

مَا هُمْ مُّقْتَرِفُوْنَ ﴿١١٣﴾ اَفَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْتَغِيْ حَكَمًا وَّهُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ

جا ڪم ڪن ٿا، سي ڪندا رهن ﴿١١٣﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته ڇا الله کي ڇڏي (توهان جي ۽ پنهنجي وچ ۾) ٻئي کي فيصلو

اِلَيْكُمُ الْكِتٰبَ مُفَصَّلًا ۭ وَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْلَمُوْنَ اَنَّهٗ

ڪندڙ ڳوليان ۽ (الله) توهان ڏانهن تفصيلي ڪتاب (قرآن) لاٿو آهي ۽ جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي، (يعني يهودي ۽

مُنَزَّلٌ مِّنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١١٤﴾ وَتَمَّتْ

عيسائي) سي ڄاڻن ٿا ته اهو تنهنجي ربّ جي طرفان حقّ سان لاٿل آهي، پوءِ (اي محمد ﷺ!) هرگز شڪ ڪندڙن مان نه ٿيءُ ﴿١١٤﴾

كَلِمَتُ رَبِّكَ صِدْقًا وَّعَدْلًا ؕ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ

۽ تنهنجي ربّ جي ڳالھ سچائي ۽ انصاف سان پوري ٿي چڪي. سندس ڳالھين کي کو بدلائڻ وارو نہ آهي ۽

الْعَلِيْمُ ﴿۱۱۵﴾ وَاِنْ تُطِعْ اَكْثَرَ مَنْ فِي الْاَرْضِ يُضِلُّوْكَ عَنْ

اهو ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿۱۱۵﴾ ۽ جيڪڏهن زمين وارن مان گهڻن (يعني مشرڪن) جو چيو مڃيندين تہ توکي

سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿۱۱۶﴾

الله جي واٽ کان ڀُلائي ڇڏيندا. اهي رڳو گمان جي پيروي ڪن ٿا ۽ اهي رڳو ڪوڙ ڳالهائين ٿا ﴿۱۱۶﴾

اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ مَنْ يَّضِلُّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۚ وَهُوَ اَعْلَمُ

بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي وڌيڪ ڄاڻي ٿو تہ ڪير سندس واٽ کان گمراه آهي ۽ اهو ئي هدايت وارن کي چڱيءَ طرح

بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿۱۱۷﴾ فَكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ

ڄاڻي ٿو ﴿۱۱۷﴾ پوءِ جنهن (جانورن کي) الله جو نالو وٺي (ذبح ڪيو وڃي) تنهن کي کائو، جيڪڏهن سندس آيتن تي

بِاٰيٰتِهٖ مُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۱۸﴾ وَمَا لَكُمْ اَلَّا تَاْكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ

ايمان رکندڙ آهيو ﴿۱۱۸﴾ ۽ توهان کي ڇا ٿيو آهي، جو نٿا کائو ان (ڪنيءَ) کي، جنهن تي الله جو نالو ورتو

عَلَيْهِ وَقَدْ فَصَّلَ لَكُمْ مَّا حَرَّمَ عَلَيْكُمْ اِلَّا مَا اضْطُرِرْتُمْ

وڃي ٿو ۽ بيشڪ (الله) توهان لاءِ حرام ٿيل شين کي تفصيل سان بيان ڪري ڇڏيو آهي، سواءِ ان جي جو توهان

اِلَيْهِ ؕ وَاِنَّ كَثِيْرًا لَّيُضِلُّوْنَ بِاَهْوَآئِهِمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اِنَّ رَبَّكَ

کي (حرام کائڻ) تي مجبور ڪيو وڃي ۽ بيشڪ گهڻا ماڻهو، (ماڻهن کي) بغير علم جي پنهنجين خواهشن سان

هُوَ اَعْلَمُ بِالْمُعْتَدِيْنَ ﴿۱۱۹﴾ وَذَرُوْا ظَاهِرَ الْاِثْمِ وَبَاطِنَهٗ ؕ اِنَّ

گمراه ڪن ٿا. بيشڪ تنهنجو ربّ ئي حد کان لنگهندڙن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ﴿۱۱۹﴾ ۽ گناه ظاهر هجي يا ڳجهو، ان

الَّذِيْنَ يَكْسِبُوْنَ الْاِثْمَ سَيُجْزَوْنَ بِمَا كَانُوْا يَقْتَرِفُوْنَ ﴿١٢٠﴾ وَلَا

ڪي ڇڏي ڏيو. بيشڪ جيڪي ماڻھو گناھ ڪمائين ٿا، تن کي سگھوئي سندن ڪرتوتن جي سزا ڏني ويندي ﴿١٢٠﴾ ۽ جنھن

تَاْكُلُوْا مِمَّا لَمْ يُذْكَرِ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَ اِنَّهٗ لَفِسْقٌ ؕ وَ اِنَّ

(جانور) تي الله جو نالو نه ورتو وڃي، اھو نه کائو. بيشڪ ان جو کائڻ گناھ آھي ۽ بيشڪ شيطانَ پنھنجن دوستن (۽

الشَّيٰطِيْنَ لَيُوْحُوْنَ اِلٰٓى اَوْلِيٰٓـِٕهِمْ لِيُجَادِلُوْكُمْ ۚ وَاِنْ اَطَعْتُمُوْهُمْ

مشرڪن) ڏانھن وسوسا وجھن ٿا ته توھان سان جھڳڙو ڪن ۽ جيڪڏھن توھان سندن چيو مڃيندا ته بيشڪ توھان

اِنَّكُمْ لَمُشْرِكُوْنَ ﴿١٢١﴾ ع اَوَ مَنْ كَانَ مَيْتًا فَاَحْيَيْنٰهُ وَ جَعَلْنَا لَهٗ نُوْرًا ع ١٤

مشرڪ ٿي پوندا ﴿١٢١﴾ يا جيڪو شخص (ڪفر ۽ گمراھي سبب) مئل دل ھجي، پوءِ ڪيس زنده ڪيوسون ۽ ڪيس ايمان جو

يَّمْشِيْ بِهٖ فِي النَّاسِ كَمَنْ مَّثَلُهٗ فِي الظُّلُمٰتِ لَيْسَ بِخَارِجٍ مِّنْهَا ؕ

نور ڏنوسون، جنھن سان ماڻھن ۾ گھمي ڦري ٿو، سو ان شخص وانگر آھي، جيڪو اوندھين ۾ آھي، جنھن مان نڪرڻ

كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْكٰفِرِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٢﴾ وَ كَذٰلِكَ جَعَلْنَا فِيْ

وارو نه آھي؟ اھڙي طرح ڪافرن لاءِ اھي عملَ سينگاريا ويا آھن، جيڪي اھي ڪن ٿا ﴿١٢٢﴾ ۽ اھڙي طرح اسان (مڪي جي

كُلِّ قَرْيَةٍ اَكٰبِرَ مُجْرِمِيْهَا لِيَمْكُرُوْا فِيْهَا ؕ وَمَا يَمْكُرُوْنَ اِلَّا بِاَنْفُسِهِمْ وَ

وڏن ڏوھارين وانگر) ھر ڳوٺ ۾ وڏا ڏوھاري پيدا ڪيا، جيئن (ماڻھن کي ايمان کان روڪڻ لاءِ) اتي مڪاريون ڪندا رھن ۽

مَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ وَاِذَا جَآءَتْهُمْ اٰيَةٌ قَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ حَتّٰى نُؤْتٰى مِثْلَ

رڳو پنھنجي خلاف ئي مڪاريون ڪن ٿا ۽ نٿا ڄاڻن ﴿١٢٣﴾ ۽ جڏھن وٽن ڪا نشاني اچي ٿي، چون ٿا ته ھرگز ايمان نه

مَآ اُوْتِيَ رُسُلُ اللّٰهِ ؔؕ اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَيْثُ يَجْعَلُ رِسَالَتَهٗ ؕ سَيُصِيْبُ وقف لازم / وقف منزل

آڻينداسون، تانجو اسان کي به اھو ئي ڏنو وڃي، جو الله جي رسولن کي ڏنو ويو آھي (يعني وحي ۽ جبريل جو اچڻ)

الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا صَغَارٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَ عَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا كَانُوْا

الله وڌيڪ ڄاڻي ٿو تہ پنهنجي پيغمبري ڪنهن کي ڏي. جيڪي ماڻهو ڏوهہ ڪن ٿا، تن کي سگهو ئي سندن مڪارين سبب الله

يَمْكُرُوْنَ ﴿١٢٤﴾ فَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ اَنْ يَّهْدِيَهٗ يَشْرَحْ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ ۚ

وٽان خواري ۽ سخت عذاب پهچندو ﴿١٢٤﴾ پوءِ الله جنهن لاءِ هدايت گهرندو آهي، ان جو سينو اسلام (۽ مسلمانيءَ) لاءِ کوليندو

وَمَنْ يُّرِدْ اَنْ يُّضِلَّهٗ يَجْعَلْ صَدْرَهٗ ضَيِّقًا حَرَجًا كَاَنَّمَا يَصَّعَّدُ فِي

آهي ۽ جنهن کي گمراهہ ڪرڻ گهرندو آهي، تنهن جي سيني کي اهڙو تنگ، سوڙهو ڪري ڇڏيندو آهي، ڄڻ تہ (ايمان جي

السَّمَآءِ ؕ كَذٰلِكَ يَجْعَلُ اللّٰهُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢٥﴾ وَهٰذَا

تڪليف جي سختيءَ سبب) آسمان تي چڙهي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح جيڪي ايمان نٿا آڻين، تن تي الله پليتي وجهي ٿو ﴿١٢٥﴾ ۽

صِرَاطُ رَبِّكَ مُسْتَقِيْمًا ؕ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ﴿١٢٦﴾

هيءُ تنهنجي ربّ جو سڌو رستو آهي، بيشڪ اسان ان قوم لاءِ نشانيون کولي بيان ڪيون آهن، جيڪي نصيحت وٺن ٿا ﴿١٢٦﴾

لَهُمْ دَارُ السَّلٰمِ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَهُوَ وَلِيُّهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٧﴾ وَيَوْمَ

انهن لاءِ سندن ربّ وٽ جنت آهي ۽ اهو ئي سندن دوست آهي، ان (فرمانبرداريءَ جي) ڪري جيڪا اهي ڪن ٿا ﴿١٢٧﴾ ۽ (ياد ڪر

يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ۚ يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ قَدِ اسْتَكْثَرْتُمْ مِّنَ الْاِنْسِ ۚ

جنهن) ڏينهن سڀني کي گڏ ڪندو، (فرمائيندو) تہ اي جنن جي ٽولي! تحقيق توهان انسانن مان گهڻن کي گمراهہ ڪيو ۽ انسانن

وَقَالَ اَوْلِيٰٓؤُهُمْ مِّنَ الْاِنْسِ رَبَّنَا اسْتَمْتَعَ بَعْضُنَا بِبَعْضٍ وَّبَلَغْنَآ

مان سندن ساٿي چوندا تہ ربّ اسان جا! اسان مان هڪڙن ٻين کان فائدو ورتو (تانجو) پنهنجي انهيءَ مُدّت کي پهتا سون،

اَجَلَنَا الَّذِيْٓ اَجَّلْتَ لَنَا ؕ قَالَ النَّارُ مَثْوٰىكُمْ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اِلَّا مَا

جيڪا مدت تو اسان لاءِ مقرر ڪئي. (الله) فرمائيندو تہ دوزخ توهان جي رهڻ جي جاءِ آهي، منجهس هميشه رهندڙ آهيو، مگر

شَآءَ اللّٰهُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۲۸﴾ وَكَذٰلِكَ نُوَلِّيْ بَعْضَ

جو الله چاهي (يعني گنهگار مسلمان ان مان ٻاهر نڪرندا.) بيشڪ تنهنجو ربّ ڏاناءُ، ڄاڻندڙ آهي ﴿۱۲۸﴾ ۽ اهڙيءَ طرح اسين بعض

الظّٰلِمِيْنَ بَعْضًاۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۱۲۹﴾ ع يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ع ١٥

ظالمن کي بعض تي مسلط ڪندا آهيون، انهن ڪرتوتن جي ڪري جيڪي اهي ڪندا آهن ﴿۱۲۹﴾ اي جنن ۽ انسانن جي

اَلَمْ يَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ وَيُنْذِرُوْنَكُمْ

ٽولي! ڇا توهان وٽ توهان مان پيغمبر نہ آيا، جيڪي منهنجيون آيتون توهان کي پڙهائيندا هئا ۽

لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ؕ قَالُوْا شَهِدْنَا عَلٰٓى اَنْفُسِنَا وَغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ

توهان کي هن ڏينهن جي اچڻ کان ڊيڄاريندا هئا؟ چوندا تہ (برابر) اسين پنهنجي خلاف شاهدي ڏيون ٿا ۽ ڪين

الدُّنْيَا وَشَهِدُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ﴿۱۳۰﴾ ذٰلِكَ اَنْ

دنيا جي زندگيءَ دوکي ۾ وڌو ۽ پاڻ تي شاهدي ڏنائون تہ اهي ڪافر هئا ﴿۱۳۰﴾ اهو هن ڪري آهي تہ تنهنجو ربّ

لَّمْ يَكُنْ رَّبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّ اَهْلُهَا غٰفِلُوْنَ ﴿۱۳۱﴾ وَ

اهڙو نہ آهي، جو ظلم سبب ڳوٺن کي هلاڪ ڪري ۽ اتان جا رهندڙ غافل هجن ﴿۱۳۱﴾ ۽ هر هڪ لاءِ سندس ڪيل (نيڪي يا

لِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۳۲﴾

گناه جي) ڪمن سبب مختلف درجا آهن ۽ جيڪي ڪم اهي ڪن ٿا، تن کان تنهنجو ربّ غافل نہ آهي ﴿۱۳۲﴾

وَرَبُّكَ الْغَنِيُّ ذُو الرَّحْمَةِ ؕ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَسْتَخْلِفْ مِنْۢ

۽ تنهنجو ربّ غني (بي نياز) رحمت وارو آهي. جيڪڏهن گهري تہ توهان کي ختم ڪري ۽ توهان کان پوءِ جنهن کي

بَعْدِكُمْ مَّا يَشَآءُ كَمَآ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ ذُرِّيَّةِ قَوْمٍ اٰخَرِيْنَ ﴿۱۳۳﴾ ؕ

گهري، تنهن کي توهان جو جانشين ڪري، جيئن توهان کي ٻين قومن جي اولاد مان پيدا ڪيائين ﴿۱۳۳﴾

إِنَّ مَا تُوعَدُونَ لَآتٍ ۖ وَمَا أَنتُم بِمُعْجِزِينَ ﴿١٣٤﴾ قُلْ يَا قَوْمِ

بيشڪ (قيامت) جنهن جو توهان سان وعدو ڪجي ٿو، يقينًا اچڻ واري آهي ۽ توهان عاجز ڪندڙ نہ آهيو ﴿١٣٤﴾ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!)

اعْمَلُوا عَلَىٰ مَكَانَتِكُمْ إِنِّي عَامِلٌ ۖ فَسَوْفَ تَعْلَمُونَ ۙ مَن تَكُونُ

فرماءِ تہ اي منهنجي قوم! (پنهنجي عادت مطابق) عمل ڪريو، بيشڪ آءٌ بہ (پنهنجي عادت مطابق) عمل ڪندڙ آهيان، پوءِ

لَهُ عَاقِبَةُ الدَّارِ ۗ إِنَّهُ لَا يُفْلِحُ الظَّالِمُونَ ﴿١٣٥﴾ وَجَعَلُوا لِلَّهِ مِمَّا

سگهوئي ڄاڻندا تہ ڪنهن لاءِ آخرت ۾ (بهشت) جو گهر آهي. بيشڪ ظالمَ (۽ مشرڪَ) ڪامياب نہ ٿيندا آهن ﴿١٣٥﴾ ۽ انهن (الله جي

ذَرَأَ مِنَ الْحَرْثِ وَالْأَنْعَامِ نَصِيبًا فَقَالُوا هَٰذَا لِلَّهِ بِزَعْمِهِمْ

پيدا ڪيل) پوڪن ۽ جانورن مان هڪ حصو الله لاءِ (۽ هڪ حصو بتن لاءِ) مقرر ڪيو آهي. پوءِ پنهنجي گمان

وَهَٰذَا لِشُرَكَائِنَا ۖ فَمَا كَانَ لِشُرَكَائِهِمْ فَلَا يَصِلُ إِلَى اللَّهِ ۖ

مطابق چون ٿا تہ هيءُ حصو الله لاءِ آهي ۽ هيءُ حصو اسان جي بتن لاءِ آهي. پوءِ جيڪو حصو سندن بتن لاءِ آهي،

وَمَا كَانَ لِلَّهِ فَهُوَ يَصِلُ إِلَىٰ شُرَكَائِهِمْ ۗ سَاءَ مَا يَحْكُمُونَ ﴿١٣٦﴾ وَ

سو الله وٽ نٿو پهچي ۽ جيڪو حصو الله لاءِ آهي، سو سندن بتن وٽ پهچي ٿو، ڪهڙو نہ بڇڙو فيصلو ڪن ٿا ﴿١٣٦﴾ ۽

كَذَٰلِكَ زَيَّنَ لِكَثِيرٍ مِّنَ الْمُشْرِكِينَ قَتْلَ أَوْلَادِهِمْ شُرَكَاؤُهُمْ

اهڙيءَ طرح گهڻن مشرڪن لاءِ سندن شريڪن (يعني شيطانن) سندن اولاد جي قتل کي سينگاري ڇڏيو تہ جيئن ڪين هلاڪت

لِيُرْدُوهُمْ وَلِيَلْبِسُوا عَلَيْهِمْ دِينَهُمْ ۖ وَلَوْ شَاءَ اللَّهُ مَا فَعَلُوهُ ۖ فَذَرْهُمْ

۾ وجهن ۽ جيئن سندن دين کي انهن لاءِ مخلوط (۽ مشڪوڪ ڪري) ڇڏين ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ ائين نہ ڪن، پوءِ ڪين ۽ سندن

وَمَا يَفْتَرُونَ ﴿١٣٧﴾ وَقَالُوا هَٰذِهِ أَنْعَامٌ وَحَرْثٌ حِجْرٌ لَّا يَطْعَمُهَا إِلَّا

بهتان بازين کي ڇڏي ڏي ﴿١٣٧﴾ ۽ پنهنجي گمان مطابق چون ٿا تہ هيءُ جانور ۽ هيءُ پوک حرام آهي. ان کي اهوئي کائيندو،

مَنْ نَّشَآءُ بِزَعْمِهِمْ وَ اَنْعَامٌ حُرِّمَتْ ظُهُوْرُهَا وَ اَنْعَامٌ لَّا يَذْكُرُوْنَ

جنهن کي اسين گهرنداسون ۽ کي جانور آهن، جن جي پٺين تي سوار ٿيڻ کي حرام ٺهرايو ويو آهي ۽ الله تي ڪوڙو

اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا افْتِرَآءً عَلَيْهِ ؕ سَيَجْزِيْهِمْ بِمَا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣٨﴾

بهتان هڻي ڪن جانورن تي الله جو نالو نٿا وٺن. جيڪي ناهه اهي ناهين ٿا، (الله) تن جو ڪين سگهوئي بدلو ڏيندو ﴿١٣٨﴾

وَقَالُوْا مَا فِيْ بُطُوْنِ هٰذِهِ الْاَنْعَامِ خَالِصَةٌ لِّذُكُوْرِنَا وَ مُحَرَّمٌ

۽ چون ٿا ته جيڪو (ڦر) هنن جانورن جي پيٽ ۾ آهي، سو خالص اسان جي مَردن لاءِ (حلال) آهي ۽ اسان جي زالن لاءِ حرام

عَلٰٓى اَزْوَاجِنَا ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مَّيْتَةً فَهُمْ فِيْهِ شُرَكَآءُ ؕ سَيَجْزِيْهِمْ

آهي ۽ جيڪڏهن (ڦر) مئل هجي ته پوءِ اهي ان ۾ ڀائيوار آهن. سگهوئي ڪين سندن گهڙيل (بهتانن) جي سزا ڏيندو، بيشڪ

وَصْفَهُمْ ؕ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿١٣٩﴾ قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ قَتَلُوْٓا اَوْلَادَهُمْ

اهو حڪمت وارو، علم وارو آهي ﴿١٣٩﴾ بيشڪ انهن ماڻهن پاڻ کي نقصان ۾ وڌو، جن بيوقوفي ۽ اڻ ڄاڻائيءَ سبب پنهنجي

سَفَهًاۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّحَرَّمُوْا مَا رَزَقَهُمُ اللّٰهُ افْتِرَآءً عَلَى اللّٰهِ ؕ قَدْ

اولاد کي قتل ڪيو ۽ الله تي بهتان هڻندي، جيڪا روزي ڪين الله ڏني آهي، تنهن کي حرام ڪيو اٿن. بيشڪ اهي گمراه ٿيا ۽

ضَلُّوْا وَ مَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿١٤٠﴾ ع وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَ جَنّٰتٍ مَّعْرُوْشٰتٍ ع

هدايت وارا نه آهن ﴿١٤٠﴾ ۽ اهو (الله) ئي آهي، جنهن (ڇتين يا ڇپرن تي) چڙهندڙ ولين وارا ۽ اهڙا باغ اپايا آهن،

وَّ غَيْرَ مَعْرُوْشٰتٍ وَّ النَّخْلَ وَ الزَّرْعَ مُخْتَلِفًا اُكُلُهٗ وَالزَّيْتُوْنَ

جيڪي ڇتين يا ڇپرن تي نٿا چڙهن ۽ کجيون ۽ پوکون پيدا ڪيائين، جن جي اپت جدا جدا آهي ۽ زيتون ۽ ڏاڙهن جا وڻ پيدا

وَالرُّمَّانَ مُتَشَابِهًا وَّغَيْرَ مُتَشَابِهٍ ؕ كُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖٓ اِذَآ اَثْمَرَ

ڪيائين، جن جو ميوو هڪجهڙو ۽ جدا جدا آهي. جڏهن انهن ۾ ميوو لڳي ته اهو کائو ۽ ان جي لاباري وقت الله جو حقّ (يعني

وَاٰتُوْا حَقَّهٗ يَوْمَ حَصَادِهٖ ۖ وَلَا تُسْرِفُوْا ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ

زڪوٰة) ڏيو ۽ فضول خرچي نہ ڪريو (جو ائين نہ ٿئي تہ پنهنجي لاءِ ڪجهہ نہ بچايو.) بيشڪ الله فضول خرچ ڪندڙن کي دوست نٿو

الْمُسْرِفِيْنَ ﴿١٤١﴾ وَمِنَ الْاَنْعَامِ حَمُوْلَةً وَّفَرْشًا ؕ كُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ

رکي ﴿١٤١﴾ ۽ جانورن مان ڪي بار کڻندڙ ۽ ڪي زمين تي (پيٽ پر) هلندڙ آهن. جيڪا روزي الله توهان کي ڏني آهي، سا کائو ۽

اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٤٢﴾

(الله جي حلال ڪيل شين کي حرام ڪرڻ ۾) شيطان جي طريقن تي نہ هلو، بيشڪ اهو توهان جو پڌرو دشمن آهي ﴿١٤٢﴾ (الله)

ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ۚ مِنَ الضَّاْنِ اثْنَيْنِ وَمِنَ الْمَعْزِ اثْنَيْنِ ؕ

جانورن جا اَٺ قسم (جوڙا جوڙا پيدا ڪيا) آهن. رڍن مان بہ (نر ۽ مادي) ۽ ٻڪرين مان بہ (نر ۽ مادي). اي محمد ﷺ! فرماءِ تہ ڇا

قُلْ ءٰٓالذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ اَرْحَامُ

الله ٻنهي مان نرن کي حرام ڪيو آهي (پوءِ سڀ نر حرام آهن)، يا مادين کي (حرام ڪيو آهي، پوءِ سڀ ماديون حرام آهن)،

الْاُنْثَيَيْنِ ؕ نَبِّـُٔوْنِيْ بِعِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٤٣﴾ وَمِنَ الْاِبِلِ

يا جيڪي ڦر مادين جي پيٽن ۾ آهن (سڀ حرام آهن؟) مون کي علم جي روشنيءَ ۾ خبر ڏيو، جيڪڏهن سچا آهيو ﴿١٤٣﴾ ۽ اُٺن

اثْنَيْنِ وَمِنَ الْبَقَرِ اثْنَيْنِ ؕ قُلْ ءٰٓالذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ

مان بہ (نر ۽ مادي) ۽ ڳئن مان بہ (نر ۽ مادي پيدا ڪيائين.) فرماءِ تہ ڇا الله تعاليٰ ٻنهي مان نرن کي حرام ڪيو

اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ

آهي يا مادين کي؟ يا جيڪي ڦر مادين جي پيٽن جي اندر آهن؟ يا جڏهن توهان کي الله اها وصيت فرمائي،

وَصّٰىكُمُ اللّٰهُ بِهٰذَا ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا

انهيءَ وقت توهان شاهد هئا ؟ پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جيڪو الله تعاليٰ تي ڪوڙو بهتان هڻي تہ،

لِيُضِلَّ النَّاسَ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۴۴﴾ ع

جيئن علم کان سواءِ ماڻهن کي گمراه ڪري ؟ بيشڪ الله ظالم قوم کي هدايت نه ڪندو آهي ﴿۱۴۴﴾

قُلْ لَّاۤ اَجِدُ فِىْ مَاۤ اُوْحِىَ اِلَىَّ مُحَرَّمًا عَلٰى طَاعِمٍ يَّطْعَمُهٗۤ اِلَّاۤ اَنْ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته جيڪي (احڪام) مون ڏانهن وحي ڪيا ويا آهن، تن ۾ ڪائيندڙ لاءِ ڪا شيءِ حرام نٿو لهان، مگر

يَّكُوْنَ مَيْتَةً اَوْ دَمًا مَّسْفُوْحًا اَوْ لَحْمَ خِنْزِيْرٍ فَاِنَّهٗ رِجْسٌ اَوْ فِسْقًا

هيءُ ته مئل جانور هجي، يا وهندڙ رت، يا سوئر جو گوشت هجي، پوءِ بيشڪ اهو ناپاڪ آهي، يا گناه واري ڪا شيءِ

اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ رَبَّكَ غَفُوْرٌ

هجي، جنهن تي الله کان سواءِ ٻئي جو نالو ونجي. پوءِ جيڪڏهن نافرماني ۾ حد لنگهڻ کان سواءِ ڪو مجبور ڪيو وڃي

رَّحِيْمٌ ﴿۱۴۵﴾ وَعَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا كُلَّ ذِىْ ظُفُرٍ ۚ وَمِنَ الْبَقَرِ وَ

ته بيشڪ تنهنجو ربّ مغفرت ڪندڙ مهربان آهي ﴿۱۴۵﴾ ۽ جيڪي يهودي ٿيا، تن تي اسان سڀ ننهن وارا جانور حرام ڪيا ۽

الْغَنَمِ حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ شُحُوْمَهُمَاۤ اِلَّا مَا حَمَلَتْ ظُهُوْرُهُمَاۤ اَوِ الْحَوَايَاۤ

ڳئن ۽ ٻڪرين جي چربي به مٿن حرام ڪئي سون، مگر جيڪا (چربي) انهن جي پٺين تي يا اوجهڙيءَ تي، يا هڏين

اَوْ مَا اخْتَلَطَ بِعَظْمٍ ؕ ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِبَغْيِهِمْ ۖ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿۱۴۶﴾ فَاِنْ

تي (چنبڙيل) هجي. اها سزا کين سندن سرڪشيءَ جي ڪري ڏني سون ۽ بيشڪ اسين سچا آهيون ﴿۱۴۶﴾ پوءِ جيڪڏهن

كَذَّبُوْكَ فَقُلْ رَّبُّكُمْ ذُوْ رَحْمَةٍ وَّاسِعَةٍ ۚ وَلَا يُرَدُّ بَاْسُهٗ عَنِ

توکي ڪوڙو ڪن ته فرماءِ ته توهان جو ربّ ڪشادي رحمت وارو آهي ۽ سندس عذاب کي ڏوهاري قوم تان ٽاري نٿو

الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۱۴۷﴾ سَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَاۤ

سگهجي ﴿۱۴۷﴾ جن ماڻهن شرڪ ڪيو، سي سگهوئي چوندا ته جيڪڏهن الله گهري ها ته نه اسين شرڪ ڪريون ها ۽ نه

اَشْرَكْنَا وَلَآ اٰبَآؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ شَيْءٍ ؕ كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيْنَ

اسان جا ابا ڏاڏا (شرڪ ڪن ها.) ۽ نه ئي اسين ڪنهن شيءِ کي حرام ڪريون ها. اهڙيءَ طرح جيڪي ماڻهو انهن کان

مِنْ قَبْلِهِمْ حَتّٰى ذَاقُوْا بَاْسَنَا ؕ قُلْ هَلْ عِنْدَكُمْ مِّنْ عِلْمٍ

اڳ هئا، انهن به (حقّ کي) ڪوڙو ڪيو، تانجو اسان جي عذاب جو مزو چکيائون. فرماءِ ته ڇا توهان وٽ ڪو علم آهي،

فَتُخْرِجُوْهُ لَنَا ؕ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ اَنْتُمْ اِلَّا تَخْرُصُوْنَ ﴿١٤٨﴾

پوءِ ان کي اسان وٽ آڻي پيش ڪريو. توهان رڳو گمان جي پيروي ڪريو ٿا ۽ توهان رڳو ڪوڙ ڳالهايو ٿا ﴿١٤٨﴾ (اي محمّد ﷺ!)

قُلْ فَلِلّٰهِ الْحُجَّةُ الْبَالِغَةُ ۚ فَلَوْ شَآءَ لَهَدٰىكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٤٩﴾ قُلْ

فرماءِ ته پوءِ ڪامل حجت (يعني ڪتاب، پيغمبري ۽ بيان) الله جو آهي، پوءِ جيڪڏهن گهري ته توهان سڀني کي هدايت ڏي ﴿١٤٩﴾

هَلُمَّ شُهَدَآءَكُمُ الَّذِيْنَ يَشْهَدُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ هٰذَا ۚ فَاِنْ

فرماءِ ته پنهنجا شاهد آڻيو، جيڪي شاهدي ڏين ته الله تعاليٰ اهي شيون حرام ڪيون آهن. پوءِ جيڪڏهن شاهدي ڏين

شَهِدُوْا فَلَا تَشْهَدْ مَعَهُمْ ۚ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا

ته تون انهن سان گڏ شاهدي نه ڏي ۽ ان قوم جي خواهشن جي پيروي نه ڪر، جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو ۽

وَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ وَهُمْ بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ﴿١٥٠﴾ ع قُلْ ١٨ ع ٥

جيڪي آخرت تي ايمان نٿا آڻين ۽ اهي پنهنجي ربّ سان (ٻتن کي) برابر ڪن ٿا ﴿١٥٠﴾ (اي محمّد ﷺ!) فرماءِ ته اچو

تَعَالَوْا اَتْلُ مَا حَرَّمَ رَبُّكُمْ عَلَيْكُمْ اَلَّا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْـًٔا وَّبِالْوَالِدَيْنِ

توهان کي (انهن جي بجاءِ) اهي شيون پڙهي ٻڌايان، جيڪي توهان تي توهان جي ربّ حرام ڪيون آهن: ان سان

اِحْسَانًا ۚ وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ مِّنْ اِمْلَاقٍ ؕ نَحْنُ نَرْزُقُكُمْ وَ

ڪنهن کي شريڪ نه ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان احسان ڪريو ۽ محتاجيءَ جي خوف سبب پنهنجي اولاد کي قتل نه ڪريو.

اِيَّاهُمْ ۚ وَلَا تَقْرَبُوا الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ ۚ وَلَا

اسين ئي توهان کي ۽ روزي ڏيون ٿا ۽ انهن کي ۽ بيحيائي (يعني زنا) جي ويجهو نه وڃو، ظاهر هجي يا ڳجهي هجي ۽

تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ

جنهن جان کي الله حرام ڪيو آهي، تنهن کي قتل نه ڪريو، مگر حقّ سان. انهن ڳالهين جي توهان کي وصيت فرمائي ٿو،

لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۵۱﴾ وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ

مَنَ توهين عقل کان ڪم وٺو ﴿۱۵۱﴾ ۽ يتيم جي مال جي ويجها نه وڃو، مگر جيڪو سهڻي طريقي سان هجي، تانجو بالغ

حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ ۚ وَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ ۚ لَا

ٿئي ۽ ماپ ۽ تور انصاف سان پوري ڪريو. اسين ڪنهن جيءَ کي سندس سگهه کان وڌيڪ تڪليف ۾ نٿا وجهون ۽ جڏهن

نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ۚ وَاِذَا قُلْتُمْ فَاعْدِلُوْا وَلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۚ

ڳالهه ڪريو (يا شاهدي ڏيو) ته انصاف سان ڳالهه ڪريو، جيتوڻيڪ ويجهي مائٽ (جي خلاف) هجي ۽ الله سان ڪيل عهد کي

وَبِعَهْدِ اللّٰهِ اَوْفُوْا ؕ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿۱۵۲﴾ وَ

پورو ڪريو. (الله) انهن ڳالهين جي توهان کي وصيت فرمائي ٿو ته مَنَ توهان نصيحت وٺو ﴿۱۵۲﴾ ۽ هيءُ

اَنَّ هٰذَا صِرَاطِيْ مُسْتَقِيْمًا فَاتَّبِعُوْهُ ۚ وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ

ته منهنجو سڌو رستو اهو ئي آهي، پوءِ ان تي هلو ۽ مختلف رستن تي نه هلو، نه ته (اهي طريقا) توهان کي سندس

بِكُمْ عَنْ سَبِيْلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۵۳﴾ ثُمَّ

واٽ کان جدا ڪندا. (الله) توهان کي اها وصيت فرمائي ٿو. مَنَ توهان پرهيزگاري اختيار ڪريو ﴿۱۵۳﴾ پوءِ اسان

اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ تَمَامًا عَلَى الَّذِيْٓ اَحْسَنَ وَتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ

موسيٰ (عليه السلام) کي مڪمل، بهترين ڪتاب (توريت) ڏنو، (جنهن ۾) هر شيءِ جي تفصيل ۽ هدايت (يعني شريعت

شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ بِلِقَآءِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٤﴾ ع وَ ع ١٩

۽ ديندار) ۽ رحمت هئي ته مَنَ اهي پنهنجي ربّ جي ملاقات (يعني آخرت) تي ايمان آڻين ﴿١٥٤﴾ ۽ هن بابرڪت

هٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ وَاتَّقُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿١٥٥﴾

ڪتاب (يعني قرآن) کي لاٿوسون، پوءِ ان جي پيروي ڪريو ۽ (الله کان) ڊڄو، مَنَ توهان تي رحم

اَنْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اُنْزِلَ الْكِتٰبُ عَلٰى طَآئِفَتَيْنِ مِنْ قَبْلِنَا ۪ وَ

ڪيو وڃي ﴿١٥٥﴾ متان چئو ته دراصل ڪتاب ته اسان کان اڳين ٻن ٽولين (يعني يهودين ۽ عيسائين) تي نازل ڪيو ويو ۽

اِنْ كُنَّا عَنْ دِرَاسَتِهِمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿١٥٦﴾ اَوْ تَقُوْلُوْا لَوْ اَنَّآ اُنْزِلَ

جيتوڻيڪ اسان انهن جي تعليم کان غافل هئاسون ﴿١٥٦﴾ يا چئو ته جيڪڏهن اسان تي ڪتاب لاٿو وڃي ها

عَلَيْنَا الْكِتٰبُ لَكُنَّآ اَهْدٰى مِنْهُمْ ۚ فَقَدْ جَآءَكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ

ته ضرور اسين انهن کان وڌيڪ هدايت وارا هجون ها، پوءِ بيشڪ توهان وٽ توهان جي ربّ جي طرفان

رَّبِّكُمْ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ

پڌري نشاني ۽ هدايت ۽ رحمت اچي چڪي آهي، پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جيڪو الله جي آيتن

وَصَدَفَ عَنْهَا ۭ سَنَجْزِي الَّذِيْنَ يَصْدِفُوْنَ عَنْ اٰيٰتِنَا

کي ڪوڙو ڪري ۽ انهن کان منهن موڙي؟ جيڪي ماڻهن اسان جي آيتن کان منهن موڙين ٿا، تن کي سگهوئي

سُوْٓءَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يَصْدِفُوْنَ ﴿١٥٧﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ

سندن منهن موڙڻ سبب بڇڙو عذاب چکائينداسون ﴿١٥٧﴾ رڳو هن انتظار ۾ رهن ٿا ته وٽن (ساهه ڪڍڻ لاءِ) فرشتا اچن

تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ يَاْتِيَ رَبُّكَ اَوْ يَاْتِيَ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ ۭ يَوْمَ

(۽ آخرڪار ائين ٿي تيندو)، يا (سندن قتل لاءِ) تنهنجي ربّ جو فرمان اچي يا تنهنجي ربّ جون ڪي نشانيون

يَاْتِیَ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ لَا يَنْفَعُ نَفْسًا اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ اٰمَنَتْ

اچن (مثلاً اولهہ کان سج اڀري.) جنهن ڏينهن تنهنجي ربّ جون ڪي نشانيون ايندين، انهيءَ

مِنْ قَبْلُ اَوْ كَسَبَتْ فِیْٓ اِيْمَانِهَا خَيْرًا ؕ قُلِ انْتَظِرُوْٓا اِنَّا

ڏينهن ڪنهن جيءَ ڪي، جنهن اڳ ۾ ايمان نہ آندو هوندو، يا ايمان ۾ ڪا چڱائي نہ ڪمائي هوندس، سندس

مُنْتَظِرُوْنَ ﴿١٥٨﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا لَّسْتَ

ايمان آڻڻ فائدو نہ ڏيندو. (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ توهين بہ انتظار ڪريو، بيشڪ اسين بہ انتظار ڪرڻ وارا آهيون ﴿١٥٨﴾ بيشڪ جن
ماڻهن پنهنجي دين ۾ جدائي وڌي ۽ اهي ٽوليون ٽوليون ٿي ويا (يعني يهودي ۽ عيسائي) تن سان (جنگ نہ ڪرڻ بابت)

مِنْهُمْ فِیْ شَیْءٍ ؕ اِنَّمَآ اَمْرُهُمْ اِلَى اللّٰهِ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ

تنهنجو ڪو واسطو نہ آهي. سندن معاملو الله وٽ آهي، پوءِ جيڪي ڪم اهي ڪن ٿا، (يعني نبين کي ڪوڙو ڪرڻ)،

بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿١٥٩﴾ مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ

تن جي کين خبر ڏيندو ﴿١٥٩﴾ (مؤمنن مان) جيڪو هڪڙي نيڪي آڻيندو، تنهن لاءِ ان جهڙيون ڏهہ (نيڪيون) آهن ۽

وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزٰٓى اِلَّا مِثْلَهَا وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١٦٠﴾

جيڪو برائي آڻيندو، تنهن کي اهڙو ئي بدلو ڏنو ويندو ۽ (چڱاين جو اجر ڏيڻ جي باري ۾) مٿن ظلم نہ ڪيو ويندو ﴿١٦٠﴾

قُلْ اِنَّنِیْ هَدٰىنِیْ رَبِّیْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۚ دِيْنًا قِيَمًا مِّلَّةَ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ بيشڪ مون کي منهنجي ربّ سڌي واٽ ڏيکاري آهي، اهو ئي سڌو دين ابراهيم جو مذهب آهي ۽

اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ۚ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٦١﴾ قُلْ اِنَّ صَلَاتِیْ وَ

اهو باطل کان منهن موڙي، حقّ ڏانهن متوجّہ ٿيندڙ هو ۽ مشرڪن مان نہ هو ﴿١٦١﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ بيشڪ منهنجي

نُسُكِیْ وَمَحْيَایَ وَمَمَاتِیْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٢﴾ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۚ وَ

نماز ۽ منهنجو حج ۽ منهنجي قرباني ۽ منهنجو مرڻ ۽ منهنجو جيئڻ جهانن جي ربّ الله لاءِ آهي ﴿١٦٢﴾ سندس ڪو

بِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٦٣﴾ قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْ رَبًّا

شريڪ نہ آهي ۽ مون کي بہ اهوئي حڪم ڪيو ويو آهي ۽ آءٌ (هن امت ۾) سڀ کان پهريون مسلمان آهيان ﴿١٦٣﴾

وَّهُوَ رَبُّ كُلِّ شَيْءٍ ؕ وَلَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ اِلَّا عَلَيْهَا ۚ وَلَا تَزِرُ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ ڇا الله کان سواءِ ٻئي کي پنهنجو ربّ ڪري مڃيان ۽ اهوئي هر شيءِ جو ربّ آهي. هر شخص

وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ۚ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ

جيڪي ڪجهہ ڪمائيندو، ان جو بار پاڻ ئي کڻندو ۽ ڪو بار کڻندڙ ڪنهن ٻئي (جي گناهہ) جو بار نہ کڻندو. پوءِ توهان

فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٦٤﴾ وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ الْاَرْضِ وَرَفَعَ بَعْضَكُمْ

کي پنهنجي ربّ ڏانهن موٽڻو آهي، پوءِ جن ڳالهين جي باري ۾ توهان اختلاف ڪري رهيا آهيو، انهن جي باري ۾ توهان
کي خبر ڏيندو ﴿١٦٤﴾ ۽ اهو (الله ئي) آهي، جنهن توهان کي زمين ۾ (ٻين قومن جو) جانشين ڪيو ۽ توهان مان بعض جا بعض

فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَاۤ اٰتٰىكُمْ ؕ اِنَّ رَبَّكَ سَرِيْعُ

کان درجا بلند ڪيائين، جيئن توهان کي، توهان جي ڏنل (روزيءَ ۽ نعمت وغيره جي) ذريعي آزمائي . بيشڪ

الْعِقَابِ ۖ وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٦٥﴾ ع

تنهنجو ربّ جلد سزا ڏيڻ وارو آهي ۽ بيشڪ اهوئي بخشڻهار، مهربان آهي ﴿١٦٥﴾

اٰيَاتُهَا ٢٠٦ (٧) سُوْرَةُ الْاَعْرَافِ مَكِّيَّةٌ (٣٩) رُكُوْعَاتُهَا ٢٤

سورة الاعراف مڪي آهي، منجهس ٻہ سو ڇهہ آيتون ۽ چوويهہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحمت ڪندڙ آهي.

الٓمّٓصٓ ﴿١﴾ كِتٰبٌ اُنْزِلَ اِلَيْكَ فَلَا يَكُنْ فِيْ صَدْرِكَ حَرَجٌ مِّنْهُ

(الٓمّٓصٓ) آءٌ ئي خدا آهيان (جو) ڄاڻان ٿو ۽ (پنهنجا اسرار) آشڪار ڪريان ٿو ﴿١﴾ هيءُ ڪتاب جيڪو توڏانهن نازل ڪيو ويو آهي
(وڏي شان وارو قرآن آهي.) پوءِ تنهنجي سيني ۾ ان جي (پهچائڻ جي) سبب ڪا تنگي نہ هئڻ گهرجي، جيئن ان جي ذريعي

لِتُنْذِرَ بِهٖ وَذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ۝٢ اِتَّبِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ

(ماڻهن کي) ڊيڄارين ۽ مؤمنن لاءِ نصيحت (هدايت) آهي ۝٢ پيروي ڪريو (قرآن) جي، جيڪو توهان ڏانهن توهان جي ربّ

رَّبِّكُمْ وَلَا تَتَّبِعُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ۝٣

جي طرفان لاٿو ويو آهي ۽ انهيءَ (الله) کان سواءِ ٻين معبودن جي پيروي نه ڪريو. توهان گهٽ نصيحت وٺو ٿا ۝٣

وَكَمْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا فَجَآءَهَا بَاْسُنَا بَيَاتًا اَوْ هُمْ

۽ اسان ڪيترا ڳوٺ هلاڪ ڪيا، پوءِ مٿن اسان جو عذاب رات جي وقت آيو، يا (جڏهن ڏينهن جو) آرام ڪري رهيا هئا

قَآئِلُوْنَ ۝٤ فَمَا كَانَ دَعْوٰىهُمْ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَآ اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا

(يعني بيخبريءَ ۾ ڪين پڪڙيوسون.) ۝٤ پوءِ جڏهن انهن تي اسان جو عذاب آيو ته سندن دعوي رڳو هيءَ هئي ته

اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ۝٥ فَلَنَسْـَٔلَنَّ الَّذِيْنَ اُرْسِلَ اِلَيْهِمْ وَلَنَسْـَٔلَنَّ

بيشڪ اسان ئي ظالم آهيون ۝٥ پوءِ البت ضرور (انهن ماڻهن کان) پڇا ڪنداسون، جن ڏانهن رسولن کي موڪليو ويو ۽

الْمُرْسَلِيْنَ ۝٦ فَلَنَقُصَّنَّ عَلَيْهِمْ بِعِلْمٍ وَّمَا كُنَّا غَآئِبِيْنَ ۝٧ وَ

البت ضرور اسان انهن رسولن کان (پيغام پهچائڻ بابت) پڇا ڪنداسون ۝٦ پوءِ ضرور مٿن (سندن ڪرتوتن کي پنهنجي)
علم جي آڌار تي بيان ڪنداسون ۽ اسين (پيغمبرن ۽ انهن جي امتن کان) غائب نه آهيون ۝٧ ۽ انهيءَ (يعني قيامت

الْوَزْنُ يَوْمَئِذِ الْحَقُّ ۚ فَمَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ

جي) ڏينهن عملن کي تورڻ برحقّ آهي، پوءِ جن جا (نيڪ) عملَ ڳرا ٿيا، ته اهي ئي ماڻهو ڪاميابي حاصل ڪرڻ

الْمُفْلِحُوْنَ ۝٨ وَمَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا

وارا آهن ۝٨ ۽ جن جا (نيڪ) عملَ هلڪا ٿيا ته اهي ئي ماڻهو آهن، جن پاڻ کي نقصان ۾ وڌو، هن سبب جي ڪري جو

اَنْفُسَهُمْ بِمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَظْلِمُوْنَ ۝٩ وَلَقَدْ مَكَّنّٰكُمْ فِى الْاَرْضِ

اسان جي آيتن (جو انڪار ڪري پاڻ تي) ظلم ڪندا آهن ۝٩ ۽ بيشڪ اسان توهان کي زمين ۾ رهايو ۽ توهان لاءِ ان ۾

وَ جَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۰﴾ ع وَ لَقَدْ خَلَقْنٰكُمْ

زندگيءَ جو سامان (روزي، مال وغيره) پيدا ڪيو. (منهنجين نعمتن جو) ڏاڍو گهٽ شڪر ڪريو ٿا ﴿۱۰﴾ ۽ بيشڪ توهان (جي پيءُ

ثُمَّ صَوَّرْنٰكُمْ ثُمَّ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ ۖ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ

آدم (عليه السلام) کي پيدا ڪيوسون، پوءِ اسان توهان جون صورتون ناهيون، پوءِ فرشتن کي چيوسون ته آدم (عليه السلام) کي سجدو ڪريو.

اِبْلِيْسَ ؕ لَمْ يَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ﴿۱۱﴾ قَالَ مَا مَنَعَكَ اَلَّا تَسْجُدَ

پوءِ (سڀني) سجدو ڪيو سواءِ ابليس جي، اهو سجدو ڪندڙن مان نه هو ﴿۱۱﴾ (الله تعاليٰ) فرمايو ته ڪهڙي ڳالهه توکي سجدي ڪرڻ

اِذْ اَمَرْتُكَ ؕ قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ ۚ خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ وَّ خَلَقْتَهٗ مِنْ

کان روڪيو، جڏهن ته توکي مون حڪم ڪيو؟ چيائين ته آءٌ ان کان وڌيڪ ڀلارو آهيان. مون کي تو باهه مان پيدا ڪيو ۽ هن کي مٽيءَ

طِيْنٍ ﴿۱۲﴾ قَالَ فَاهْبِطْ مِنْهَا فَمَا يَكُوْنُ لَكَ اَنْ تَتَكَبَّرَ فِيْهَا فَاخْرُجْ

مان پيدا ڪيئي ﴿۱۲﴾ (الله) فرمايو ته پوءِ هن (آسمان يا جنت) مان هيٺ لهه، توکي نٿو جڳائي ته منجهس وڏائي ڪرين. بس ٻاهر

اِنَّكَ مِنَ الصّٰغِرِيْنَ ﴿۱۳﴾ قَالَ اَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿۱۴﴾ قَالَ

نڪر، بيشڪ تون ذليلن مان آهين﴿۱۳﴾ (شيطان) چيو ته مون کي ان ڏينهن تائين مهلت ڏي، جڏهن ڪين ورِي جياريو ويندو﴿۱۴﴾

اِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿۱۵﴾ قَالَ فَبِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ لَاَقْعُدَنَّ لَهُمْ

(الله) فرمايو ته بيشڪ تون مهلت ڏنلن مان آهين ﴿۱۵﴾ (شيطان) چيو ته جيئن ته تو مون کي گمراه ڪيو آهي، آءٌ ضرور ڪين (گمراه

صِرَاطَكَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿۱۶﴾ ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمْ مِّنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَ مِنْ

ڪرڻ لاءِ) تنهنجي سڌي واٽ تي ويهندس ﴿۱۶﴾ ان کان پوءِ ضرور انهن وٽ ايندس سندن اڳيان (يعني آخرت کان

خَلْفِهِمْ وَ عَنْ اَيْمَانِهِمْ وَ عَنْ شَمَآئِلِهِمْ ؕ وَ لَا تَجِدُ اَكْثَرَهُمْ

ڪين شڪ ۾ وجهندس.) ۽ سندن پويان (يعني منجهن دنيا جي رغبت پيدا ڪندس) ۽ سندن ساڄي پاسي کان (يعني ڪين دين
کان ورغلائيندس) ۽ سندن کاٻي پاسي کان (يعني منجهن گناهن جي خواهش ۽ شهوت پيدا ڪندس) ۽ تون انهن مان گهڻن

شٰكِرِيْنَ ﴿١٧﴾ قَالَ اخْرُجْ مِنْهَا مَذْءُوْمًا مَّدْحُوْرًا ؕ لَمَنْ تَبِعَكَ

ڪي شڪرڪندڙ نہ لهندين ⑰ (الله) فرمايو تہ هن (جنت) مان خوار ۽ تڙيل ٿي نڪر. البت انهن مان جنهن بہ تنهنجي

مِنْهُمْ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنْكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٨﴾ وَيٰۤاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ

پيروي ڪئي، تہ ضرور آءٌ توهان سڀني سان جهنم کي ڀري ڇڏيندس ⑱ ۽ (چيوسون تہ) اي آدم! تون

وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ فَكُلَا مِنْ حَيْثُ شِئْتُمَا وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ

۽ تنهنجي زال جنت ۾ رهو، پوءِ جتان بہ توهان کي وڻي، اتان کائو ۽ هن وڻ جي ويجهو نہ وڃجو، پوءِ توهان

فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩﴾ فَوَسْوَسَ لَهُمَا الشَّيْطٰنُ لِيُبْدِيَ

ٻئي ظالمن مان ٿي پوندا ⑲ پوءِ ٻنهي (جي دل ۾) شيطان وسوسو وڌو، جيئن (سندن اگهڙ) سندن

لَهُمَا مَا وٗرِيَ عَنْهُمَا مِنْ سَوْاٰتِهِمَا وَقَالَ مَا نَهٰىكُمَا رَبُّكُمَا

سامهون ظاهر ڪري ڏيکاري، جيڪا انهن کان لڪائي وئي هئي ۽ چيائين تہ توهان کي توهان ٻنهي جي ربّ

عَنْ هٰذِهِ الشَّجَرَةِ اِلَّاۤ اَنْ تَكُوْنَا مَلَكَيْنِ اَوْ تَكُوْنَا مِنَ

هن وڻ کان رڳو هن ڪري روڪيو آهي تہ متان توهان ٻئي فرشتا ٿي پئو، يا توهان ٻنهي کي دائمي زندگي نصيب

الْخٰلِدِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَقَاسَمَهُمَاۤ اِنِّيْ لَكُمَا لَمِنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿٢١﴾ فَدَلّٰىهُمَا

ٿئي ⑳ ۽ سندن سامهون قسم کڻي چيائين تہ بيشڪ آءٌ توهان ٻنهي جو خيرخواه آهيان ㉑ پوءِ کين (ان وڻ جي

بِغُرُوْرٍ ۚ فَلَمَّا ذَاقَا الشَّجَرَةَ بَدَتْ لَهُمَا سَوْاٰتُهُمَا وَطَفِقَا يَخْصِفٰنِ

کائڻ جي باري ۾) دوکي ۾ وڌائين. پوءِ جڏهن ٻنهي انهيءَ وڻ کي چکيو تہ انهن ٻنهي جي اگهڙ سندن سامهون

عَلَيْهِمَا مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ ؕ وَنَادٰىهُمَا رَبُّهُمَاۤ اَلَمْ اَنْهَكُمَا عَنْ

کلي پئي ۽ ان کي جنت جي (وڻن جي) پنن سان ڍڪڻ لڳا ۽ سندن ربّ کين سڏي چيو تہ ڇا مون توهان ٻنهي کي هن

تِلْكُمَا الشَّجَرَةِ وَ اَقُلْ لَّكُمَآ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمَا عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۲۲﴾

وڻ کان نہ روکيو هو؟ ۽ توهان ٻنهي کي (نہ) چيو هو تہ بيشڪ شيطان توهان جو پڌرو دشمن آهي؟ ﴿۲۲﴾

قَالَا رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا سکتة وَ اِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَ تَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ

ٻنهي چيو تہ ربّ اسان جا! اسان پاڻ تي ظلم ڪيو ۽ جيڪڏهن اسان کي نہ بخشيندين ۽ اسان تي رحم نہ ڪندين تہ ضرور

مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۲۳﴾ قَالَ اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ج وَ لَكُمْ فِي

نقصان پوڳڻ وارن مان ٿينداسون ﴿۲۳﴾ (الله) فرمايو تہ هتان هيٺ لهي وڃو، توهان هڪ ٻئي جا ويري آهيو ۽ زمين ۾

الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّ مَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿۲۴﴾ قَالَ فِيْهَا تَحْيَوْنَ وَ فِيْهَا

توهان جي رهڻ ۽ (موت جي) مدّت تائين فائدي وٺڻ جي جاءِ آهي ﴿۲۴﴾ فرمايائين تہ توهان منجهس زندگي گذاريندا ۽

تَمُوْتُوْنَ وَ مِنْهَا تُخْرَجُوْنَ ﴿۲۵﴾ع يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ

منجهس ئي مرندا ۽ ان مان توهان کي (قيامت جي ڏينهن) ڪڍيو ويندو ﴿۲۵﴾ اي آدم جا اولاد! بيشڪ اسان توهان لاءِ لباس

لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ وَ رِيْشًا ط وَ لِبَاسُ التَّقْوٰى لا ذٰلِكَ خَيْرٌ ط ذٰلِكَ

لاٿو، جيڪو توهان جي اگهڙ کي ڍڪي ٿو ۽ (توهان لاءِ) زينت آهي ۽ پرهيزگاريءَ وارو لباس ئي چڱو آهي. اهو (اگهڙ

مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿۲۶﴾ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ لَا يَفْتِنَنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ

جو ڍڪڻ) الله جي نشانين (يعني فرضن) مان آهي، مَنَ اهي نصيحت وٺن ﴿۲۶﴾ اي آدم جا اولاد! توهان کي شيطان فريب

كَمَآ اَخْرَجَ اَبَوَيْكُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ يَنْزِعُ عَنْهُمَا لِبَاسَهُمَا لِيُرِيَهُمَا

۾ نہ وجهي، جيئن توهان جي پيءُ ۽ ماءُ کي جنت مان ڪڍرايائين. انهن ٻنهي کان سندن لباس لهرايائين، جيئن کين سندن

سَوْاٰتِهِمَا ط اِنَّهٗ يَرٰىكُمْ هُوَ وَ قَبِيْلُهٗ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ ط اِنَّا

اگهڙ ظاهر ڪري ڏيکاري. بيشڪ اهو ۽ سندس قبيلي وارا توهان کي اتان ڏسن ٿا، جتان توهان کين نٿا ڏسو. بيشڪ اسان

جَعَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَآءَ لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٢٧﴾ وَاِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً

شيطانن کي انهن ماڻهن جو ساٿي ڪيو آهي، جيڪي ايمان نٿا آڻين ﴿٢٧﴾ ۽ جڏهن ڪا بي حيائي (يعني ڪعبت الله

قَالُوْا وَجَدْنَا عَلَيْهَآ اٰبَآءَنَا وَاللّٰهُ اَمَرَنَا بِهَا ؕ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ لَا

شريف جو اگهاڙو طواف) ڪن ٿا، چون ٿا ته پنهنجن ابن ڏاڏن کي انهيءَ (حال) تي لڌوسون ۽ الله اسان کي اهو حڪم ڪيو

يَاْمُرُ بِالْفَحْشَآءِ ؕ اَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨﴾ قُلْ اَمَرَ

آهي. فرماءِ ته الله بيحيائيءَ جو حڪم نه ڪندو آهي. ڇا توهان الله تي (ڪوڙي) ڳالهه چئو ٿا، جيڪا نٿا ڄاڻو ﴿٢٨﴾ (اي محمّد ﷺ!)

رَبِّيْ بِالْقِسْطِ قف وَاَقِيْمُوْا وُجُوْهَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّادْعُوْهُ

فرماءِ ته مون کي منهنجي ربّ انصاف جو حڪم ڪيو آهي ۽ (پڻ حڪم ڪيو آهي ته) پنهنجا منهن هر نماز (وقت الله ڏانهن) سڌا
ڪريو ۽ دين کي ان جي لاءِ خالص ڪندي ان کي ئي سڏيو، جيئن (الله) توهان کي پهريون ڀيرو پيدا ڪيو آهي، تيئن

مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۬ؕ كَمَا بَدَاَكُمْ تَعُوْدُوْنَ ﴿٢٩﴾ؕ فَرِيْقًا هَدٰى وَفَرِيْقًا

توهان (ان ڏانهن) موٽندؤ (چاهي نيڪ بخت هجو يا بدبخت هجو) ﴿٢٩﴾ (الله تعاليٰ) هڪ جماعت کي هدايت عطا ڪئي ۽

حَقَّ عَلَيْهِمُ الضَّلٰلَةُ ؕ اِنَّهُمُ اتَّخَذُوا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ

هڪ جماعت تي گمراهي لازم ٿي چڪي. بيشڪ انهن الله کي ڇڏي شيطانن کي پنهنجو ساٿي

دُوْنِ اللّٰهِ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٣٠﴾ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ

بڻايو ۽ ڀانئين ٿا ته اهي هدايت وارا آهن ﴿٣٠﴾ اي آدم جا اولاد! هر نماز وقت پنهنجي زينت (يعني لباس) ڍڪيو ۽

عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّكُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهُ لَا يُحِبُّ

(جاهليت جي عادت جي ابتڙ حج جي ڏينهن ۾ لذيذ کاڌا) کائو ۽ پيئو ۽ فضول خرچي نه ڪريو. بيشڪ الله فضول خرچ

الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣١﴾ع قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِيْنَةَ اللّٰهِ الَّتِيْٓ اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ وَ ع ٣ ١٠

ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري ﴿٣١﴾ (اي محمّد ﷺ!) فرماءِ ته الله جي زينت (يعني طواف ڪندي اگهڙ ڍڪڻ) ۽ ٻانهن لاءِ سندس

الطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزْقِ ؕ قُلْ هِيَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا

پيدا ڪيل پاڪ شين جي روزيءَ کي ڪنهن حرام ڪيو آهي؟ فرماءِ ته اهي دنياوي زندگيءَ ۾ مؤمنن لاءِ آهن (جن ۾ ڪافر

خَالِصَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٣٢﴾

به شريڪ آهن) ۽ قيامت جي ڏينهن (ڪافرن جي بجاءِ اهي شيون رڳو مؤمنن لاءِ) خاص آهن. اهڙيءَ طرح اسين انهن ماڻهن
لاءِ (حلال ۽ حرام واريون) آيتون تفصيل سان بيان ڪريون ٿا، جيڪي ڄاڻن ٿا ﴿٣٢﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته منهنجي ربّ رڳو

قُلْ اِنَّمَا حَرَّمَ رَبِّيَ الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ وَالْاِثْمَ وَ

بيحيائيءَ جا ڪم حرام ڪيا آهن، ظاهر هجن يا ڳجها ۽ گناهه ۽ ناحق ظلم ڪرڻ (کي حرام ڪيو آهي) ۽ هيءُ ته توهان

الْبَغْيَ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَاَنْ تُشْرِكُوْا بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا

الله سان انهن (بتن ۽ باطل معبودن) کي شريڪ ڪريو، جن جي باري ۾ الله ڪو دليل نه لاٿو آهي ۽ هيءُ ته

وَّاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ۚ

توهان الله جي باري ۾ اهي ڳالهيون چئو، جيڪي نٿا ڄاڻو ﴿٣٣﴾ ۽ هر امت جي لاءِ هڪڙي مدّت مقرر آهي.

فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٣٤﴾

جڏهن سندن مقرر ڪيل وقت اچي ويندو ته پوءِ نه هڪ گهڙي پوئتي ٿيندا ۽ نه (هڪ گهڙي) اڳتي ٿيندا ﴿٣٤﴾

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ اِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ ۙ

اي آدم جا اولاد! جيڪڏهن توهان وٽ توهان (جي بشريت) مان ڪي پيغمبرَ اچن (۽) توهان کي منهنجيون آيتون بيان ڪري ٻڌائين

فَمَنِ اتَّقٰى وَاَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَ

ته پوءِ جيڪي ماڻهو (منهنجي مخالفت کان) بچندا ۽ (پنهنجا ڪم) سڌاريندا ته مٿن نه ڪو خوف آهي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا ﴿٣٥﴾ ۽

الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ

جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو ۽ انهن کان وڏائي ڪيائون ته اهي ئي دوزخي آهن، اهي

هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ۝٣٦ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ

منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ۝٣٦ پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جيڪو الله تي ڪوڙو بهتان هڻي،

كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ يَنَالُهُمْ نَصِيْبُهُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ ؕ حَتّٰٓى

يا سندس آيتن کي ڪوڙو ڪري؟ اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي لکت (يعني تقدير) مان پنهنجو ڀاڱو لهندا، تانجو

اِذَا جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا يَتَوَفَّوْنَهُمْ ۙ قَالُوْٓا اَيْنَ مَا كُنْتُمْ تَدْعُوْنَ

جڏهن وٽن اسان جا موڪليل (فرشتا) سندن ساهه ڪيڻ ايندا، چوندا ته ڪٿي آهن توهان جا

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا وَشَهِدُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ

(اهي معبود)، جن کي توهان الله جي بجاءِ پڪاريندا هئا؟ چوندا ته اسان کان گم ٿي ويا ۽ پاڻ تي شاهدي

اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ۝٣٧ قَالَ ادْخُلُوْا فِيْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ

ڏيندا ته اهي ڪافر هئا ۝٣٧ (الله) فرمائيندو ته جنن ۽ انسانن مان انهن امتن سان گڏ داخل ٿيو، جيڪي توهان کان اڳ

قَبْلِكُمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ فِى النَّارِ ؕ كُلَّمَا دَخَلَتْ اُمَّةٌ لَّعَنَتْ

دوزخ ۾ گهڙي چڪا آهن. جڏهن به منجهس ڪا امت داخل ٿيندي، اها پهرئين امت تي لعنت وجهندي، تانجو جڏهن

اُخْتَهَا ؕ حَتّٰٓى اِذَا ادَّارَكُوْا فِيْهَا جَمِيْعًا ۙ قَالَتْ اُخْرٰىهُمْ

سڀ منجهس گڏ ٿيندا ته انهن مان پوئين جماعت (يعني تابعدار ماڻهو) پهرئين جماعت (يعني اڳواڻن) جي باري ۾

لِاُوْلٰىهُمْ رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ اَضَلُّوْنَا فَاٰتِهِمْ عَذَابًا ضِعْفًا مِّنَ النَّارِ ؕ

چوندي ته ربّ اسان جا! اهي ئي ماڻهو آهن، جن اسان کي گمراهه ڪيو، پوءِ کين باهه جو ٻيڻو عذاب ڏي. (الله)

قَالَ لِكُلٍّ ضِعْفٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَعْلَمُوْنَ ۝٣٨ وَقَالَتْ اُوْلٰىهُمْ لِاُخْرٰىهُمْ

فرمائيندو ته هرهڪ لاءِ ٻيڻو عذاب آهي ۽ پر توهان نٿا ڄاڻو ۝٣٨ ۽ انهن مان پهرئين جماعت پنهنجي ٻي جماعت

فَمَا كَانَ لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ

كيِ چوندي تہ توهان کي اسان تي ڪا فضيلت نہ آهي (اسين سڀ ڪفر ۾ برابر آهيون.) پوءِ پنهنجن ڪرتوتن جي

تَكْسِبُوْنَ ﴿٣٩﴾ ع اِنَّ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَا لَا ع ٨ ٤ ١١

ڪري عذاب جو مزو چکو ﴿٣٩﴾ بيشڪ جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو ۽ انهن کان وڏائي ڪيائون، انهن (جي

تُفَتَّحُ لَهُمْ اَبْوَابُ السَّمَآءِ وَلَا يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ حَتّٰى يَلِجَ

عملن ۽ روحن جي چڙهڻ جي) لاءِ آسمان جا دروازا نتا کوليا وڃن، تانجو اُٺ سُئي جي سوراخ مان لنگهي

الْجَمَلُ فِيْ سَمِّ الْخِيَاطِ ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٤٠﴾ لَهُمْ

وڃي (۽ اها ڳالهہ ناممڪن آهي.) ۽ اهڙيءَ طرح اسين ڏوهارين کي بدلو ڏيندا آهيون ﴿٤٠﴾ سندن لاءِ وڇاڻو

مِّنْ جَهَنَّمَ مِهَادٌ وَّمِنْ فَوْقِهِمْ غَوَاشٍ ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِي

بہ باهہ آهي تہ سندن مٿان بہ باهہ جو اوڇڻ آهي (يعني هر طرف کان مٿن باهہ ئي باهہ هوندي.) ۽ اهڙيءَ طرح اسين

الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤١﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا

ظالمن کي سزا ڏيندا آهيون ﴿٤١﴾ ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، اسين (انهن مان) ڪنهن جيءَ کي سندس

اِلَّا وُسْعَهَآ ز اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ج هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَ

سگهہ کان وڌيڪ تڪليف نہ ڏيندا آهيون. اهي ئي ماڻهو جنتي آهن، جتي سدائين رهڻ وارا آهن ﴿٤٢﴾ ۽ (دنيا ۾)

نَزَعْنَا مَا فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنْ غِلٍّ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ ج

سندن دلين ۾ جيڪو (ساڙ ۽ ڪينو) هوندو، سو ڪڍي ڇڏينداسون. سندن (محلات جي) هيٺان نهرون وهن ٿيون ۽

وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ هَدٰىنَا لِهٰذَا قف وَمَا كُنَّا لِنَهْتَدِيَ لَوْلَآ

(جڏهن پنهنجن محلات ۾ وڃي قرار وٺندا، تڏهن) چوندا تہ سڀ ساراهہ الله لاءِ آهي، جنهن اسان کي (نيڪ عملن

اَنْ هَدٰىنَا اللّٰهُ ۚ لَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۗ وَنُوْدُوْٓا اَنْ

جي) واٽ ونائي (جنهن جو هيءُ بدلو آهي) ۽ جيڪڏهن الله اسان کي هيءَ واٽ نہ ونائي ها تہ اسان هن واٽ تي هلندڙ
نہ هئاسون. بيشڪ اسان وٽ اسان جي ربّ جا رسولَ حقّ سان آيا ۽ کين سڏي چيو ويندو تہ توهان جي هيءَ ئي

تِلْكُمُ الْجَنَّةُ اُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾ وَنَادٰٓى اَصْحٰبُ

الثلٰثة

اها جنت آهي، جنهن جو توهان کي توهان جي عملن سبب وارث ڪيو ويو آهي ﴿٤٣﴾ ۽ جنتي، دوزخين کي

الْجَنَّةِ اَصْحٰبَ النَّارِ اَنْ قَدْ وَجَدْنَا مَا وَعَدَنَا رَبُّنَا حَقًّا فَهَلْ

سڏي چوندا تہ اسان جي ربّ اسان سان جيڪو وعدو ڪيو هو، ان کي سچو لڌوسون. ڇا پوءِ توهان جي ربّ توهان

وَجَدْتُّمْ مَّا وَعَدَ رَبُّكُمْ حَقًّا ۗ قَالُوْا نَعَمْ ۚ فَاَذَّنَ مُؤَذِّنٌۢ

سان جيڪو وعدو ڪيو هو، توهان بہ ان کي سچو لڌو؟ چوندا تہ هائو! پوءِ سندن وچ ۾ هڪ اعلان ڪندڙ

بَيْنَهُمْ اَنْ لَّعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٤﴾ ۙ الَّذِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْ

(اسرافيل عليه السلام) پڪاري چوندو تہ ظالمن تي الله جي لعنت آهي ﴿٤٤﴾ (اهي ظالم) جيڪي الله جي واٽ کان

سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ كٰفِرُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَ

وقف لازم باختلاف

روڪيندا آهن ۽ ان ۾ ڏنگائي پيدا ڪرڻ گهرندا آهن ۽ اهي آخرت جا پڻ انڪاري آهن ﴿٤٥﴾ ۽ جنتين ۽ دوزخين

بَيْنَهُمَا حِجَابٌ ۚ وَعَلَى الْاَعْرَافِ رِجَالٌ يَّعْرِفُوْنَ كُلًّاۢ بِسِيْمٰىهُمْ ۚ

جي وچ ۾ هڪ پردو آهي ۽ اعراف تي ڪي ماڻهو هوندا، هر هڪ کي سندن پيشانين (جي نورانيت ۽ ڪاراڻ) مان

وَنَادَوْا اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ اَنْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ ۣ قف لَمْ يَدْخُلُوْهَا وَهُمْ

سڃاڻندا. (اعراف وارا) جنتين کي سڏي چوندا تہ توهان تي سلامتي هجي. جنت ۾ داخل نہ ٿيا هوندا ۽ (پر داخل

يَطْمَعُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَاِذَا صُرِفَتْ اَبْصَارُهُمْ تِلْقَآءَ اَصْحٰبِ النَّارِ ۙ قَالُوْا

ٿيڻ جي) اميد رکندا ﴿٤٦﴾ ۽ جڏهن انهن جا منهن دوزخين ڏانهن ڦيرايا ويندا، چوندا تہ ربّ اسان جا!

رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٧﴾ ع وَنَادٰۤى اَصْحٰبُ الْاَعْرَافِ ع ٥ ٨ ١٢

اسان کي ظالم قوم سان گڏ شامل نہ ڪر ﴿٤٧﴾ ۽ اعراف وارا (مشرڪ سردارن مان) ڪن ماڻهن کي سندن

رِجَالًا يَّعْرِفُوْنَهُمْ بِسِيْمٰهُمْ قَالُوْا مَاۤ اَغْنٰى عَنْكُمْ جَمْعُكُمْ

نشانين سان سڃاڻي سڏي چوندا تہ توهان جيڪو مال گڏ ڪيو ۽ جيڪا وڏائي توهان ڪندا هئا، سا توهان کي (دوزخ

وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٤٨﴾ اَهٰۤؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَقْسَمْتُمْ لَا يَنَالُهُمُ اللّٰهُ

کان) بچائي نہ سگهي ﴿٤٨﴾ ڇا هي اهي ئي ماڻهو آهن، جن جي باري ۾ توهان قسم کڻي چوندا هئا تہ کين الله ڪا رحمت

بِرَحْمَةٍ ؕ اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ لَا خَوْفٌ عَلَيْكُمْ وَلَاۤ اَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ ﴿٤٩﴾

عطا نہ ڪندو؟ (فرشتا اعراف وارن کي چوندا تہ) جنت ۾ داخل ٿيو، نہ توهان تي خوف آهي ۽ نہ توهين غم ڏسندا ﴿٤٩﴾

وَنَادٰۤى اَصْحٰبُ النَّارِ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ اَنْ اَفِيْضُوْا عَلَيْنَا مِنَ

۽ دوزخي، جنتين کي سڏي چوندا تہ پاڻي يا جيڪا روزي توهان کي الله تعاليٰ عطا فرمائي آهي، ان مان ڪجهہ

الْمَآءِ اَوْ مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ؕ قَالُوْۤا اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَهُمَا عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٠﴾ لا

اسان تي بہ پلٽيو. (جنتي) چوندا تہ بيشڪ الله تعاليٰ اهي ٻئي شيون ڪافرن تي حرام ڪري ڇڏيون آهن ﴿٥٠﴾

الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَهُمْ لَهْوًا وَّلَعِبًا وَّغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ

اهي (ڪافر) جن پنهنجي دين کي راند ۽ تماشو بڻايو ۽ دنيا جي زندگيءَ کين دوکي ۾ وجهي ڇڏيو. پوءِ اسين اڄ

فَالْيَوْمَ نَنْسٰهُمْ كَمَا نَسُوْا لِقَآءَ يَوْمِهِمْ هٰذَا ۙ وَمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا

کين (دوزخ ۾) وساري ٿا ڇڏيون، جيئن انهن هن ڏينهن (لاءِ عمل ڪرڻ) کي وساري ڇڏيو هو ۽ هن ڪري بہ تہ اسان جي

يَجْحَدُوْنَ ﴿٥١﴾ وَلَقَدْ جِئْنٰهُمْ بِكِتٰبٍ فَصَّلْنٰهُ عَلٰى عِلْمٍ هُدًى وَّرَحْمَةً

آيتن جو انڪار ڪندا هئا ﴿٥١﴾ ۽ بيشڪ وٽن (علم ۽ احڪامن تي مشتمل) هڪ ڪتاب (يعني قرآن) آندو سون، جنهن کي

لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٥٢﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا تَاْوِيْلَهٗ ؕ يَوْمَ يَاْتِيْ تَاْوِيْلُهٗ

اسان دانائيءَ سان کولي بيان ڪيو آهي ۽ (اهو) هدايت ۽ رحمت آهي، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻن ٿا ﴿٥٢﴾ (ڪافر) رڳو ان جي عاقبت (يعني قيامت جو) انتظار ڪن ٿا (جنهن جو قرآن ۾ وعدو ڏنو ويو آهي، جنهن) ڏينهن سندن اها عاقبت ايندي ته جن ماڻهن (دنيا ۾)

يَقُوْلُ الَّذِيْنَ نَسُوْهُ مِنْ قَبْلُ قَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۚ

ان کي وساري ڇڏيو، سي چوندا ته بيشڪ اسان وٽ اسان جي ربّ جا رسولَ حقّ سان آيا، ڇا پوءِ اسان جي سفارش ڪرڻ لاءِ ڪي

فَهَلْ لَّنَا مِنْ شُفَعَآءَ فَيَشْفَعُوْا لَنَآ اَوْ نُرَدُّ فَنَعْمَلَ غَيْرَ الَّذِيْ

سفارشي آهن؟ يا اسان کي (دنيا ۾) موٽايو وڃي، پوءِ جيڪا (نافرماني ۽ شرڪ) ڪندا هئاسون، ان جي بجاءِ ٻيا ڪم ڪريون.

كُنَّا نَعْمَلُ ؕ قَدْ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٥٣﴾ ع

بيشڪ انهن پاڻ کي نقصان ۾ وڌو ۽ جيڪي ناهه اهي ناهيندا آهن (يعني شرڪ ڪندا آهن)، سي سڀ انهن کان ويندا رهندا ﴿٥٣﴾

اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ

بيشڪ توهان جو ربّ اهو الله ئي آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو، پوءِ عرش (کي پيدا ڪرڻ)

ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ قف يُغْشِي الَّيْلَ النَّهَارَ يَطْلُبُهٗ حَثِيْثًا ۙ

جو ارادو ڪيائين. رات کي ڏينهن سان ڍڪي ٿو (جيڪو) ان جي پويان ڊوڙندو اچي ٿو ۽ سج ۽ چنڊ ۽

وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ وَالنُّجُوْمَ مُسَخَّرٰتٍۭ بِاَمْرِهٖ ؕ اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَ

تارا سندس ئي حڪم سان تابع آهن. ٻڌو! سموري مخلوق سندس ئي آهي ۽ حڪم به سندس ئي آهي.

الْاَمْرُ ؕ تَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٥٤﴾ اُدْعُوْا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا

الله، جهانن جو ربّ، (پالڻهار ۽) برڪتن وارو آهي ﴿٥٤﴾ پنهنجي ربّ کي زاريءَ سان ۽ ڳجهي طرح سڏيو.

وَّخُفْيَةً ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٥٥﴾ ۚ وَلَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ

بيشڪ اهو حد کان لنگهندڙن کي پسند نٿو ڪري ﴿٥٥﴾ ۽ (رسولن جي ذريعي) زمين جي اصلاح ٿيڻ کان

بَعْدَ اِصْلَاحِهَا وَادْعُوْهُ خَوْفًا وَّطَمَعًا ؕ اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ

پوءِ (شرڪ ۽ نافرماني ڪري) منجهس فساد نہ وجهو ۽ الله کي خوف ۽ اميد سان سڏيو، بيشڪ الله جي رحمت نيڪي

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٦﴾ وَهُوَ الَّذِيْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ بُشْرًا بَيْنَ يَدَيْ

ڪندڙن کي ويجهي آهي ﴿٥٦﴾ اهو الله ئي آهي، جيڪو پنهنجي رحمت (يعني برسات) کان اڳ خوشخبري ڏيندڙ

رَحْمَتِهٖ ؕ حَتّٰٓى اِذَآ اَقَلَّتْ سَحَابًا ثِقَالًا سُقْنٰهُ لِبَلَدٍ مَّيِّتٍ

هوائون موڪلي ٿو، تانجو جڏهن اهي ڳرن ڪڪرن کي هلائن ٿيون تہ انهن کي غير آباد علائقي ڏانهن روانو ڪريون

فَاَنْزَلْنَا بِهِ الْمَآءَ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ؕ كَذٰلِكَ

ٿا، پوءِ انهن ڪڪرن مان پاڻي وسايون ٿا. پوءِ ان سان هر قسم جا ميوا اُپايون ٿا. اهڙي طرح اسين مئن کي

نُخْرِجُ الْمَوْتٰى لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَالْبَلَدُ الطَّيِّبُ يَخْرُجُ

(قبرن مان) ٻاهر ڪيندا سون، مَنَ توهان نصيحت پرايو ﴿٥٧﴾ ۽ سٺي زمين پنهنجي ربّ جي حڪم سان (سٺي) اوپڙ

نَبَاتُهٗ بِاِذْنِ رَبِّهٖ ۚ وَالَّذِيْ خَبُثَ لَا يَخْرُجُ اِلَّا نَكِدًا ؕ كَذٰلِكَ

ڦٽائي ٿي ۽ خراب زمين رڳو خراب اوپڙ ڦٽائي ٿي. اهڙيءَ طرح اسين پنهجيون آيتون بيان ڪريون ٿا، انهن ماڻهن

نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّشْكُرُوْنَ ﴿٥٨﴾ ع لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ

لاءِ جيڪي (تابعداري ڪندي اسان جي نعمتن جو) شڪر ڪن ٿا ﴿٥٨﴾ بيشڪ اسان نوح (عليه السلام) کي سندس قوم ڏانهن

فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اِنِّيْٓ

موڪليو، پوءِ انهيءَ چيو تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود نہ

اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٥٩﴾ قَالَ الْمَلَاُ مِنْ

آهي. بيشڪ آءٌ توهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب جي اچڻ کان ڊڄان ٿو ﴿٥٩﴾ سندس قوم جي سردارن چيو تہ

قَوْمِهٖٓ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦٠﴾ قَالَ يٰقَوْمِ لَيْسَ بِيْ

بيشڪ اسين تو کي پڌري گمراهيءَ ۾ (پيل) ڏسون ٿا ﴿٦٠﴾ (نوح عليه السلام) چيو ته اي منهنجي قوم! آءٌ ڪنهن گمراهيءَ

ضَلٰلَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦١﴾ اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ

۾ نه آهيان ۽ پر آءٌ جهانن جي پالڻهار جي طرفان رسول آهيان ﴿٦١﴾ توهان تائين پنهنجي ربّ جا پيغامَ پهچايان

رَبِّيْ وَاَنْصَحُ لَكُمْ وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٢﴾

ٿو ۽ توهان کي نصيحت ڪريان ٿو ۽ الله جي (دين جون) اهي ڳالهيون ڄاڻان ٿو، جيڪي توهين نٿا ڄاڻو ﴿٦٢﴾

اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ

ڇا توهان هن ڳالهه تي تعجب ڪريو ٿا ته توهان جي ربّ جي طرفان توهان مان هڪ شخص تي نصيحت آئي، جيئن توهان کي

لِيُنْذِرَكُمْ وَلِتَتَّقُوْا وَلَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٦٣﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاَنْجَيْنٰهُ

ڊيڄاري ۽ مَنَ توهين (شرڪ ۽ نافرمانيءَ کان) بچو ۽ مَنَ توهان تي رحم ڪيو وڃي ﴿٦٣﴾ پوءِ ڪيس ڪوڙو ڪيائون، پوءِ ڪيس ۽ انهن

وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ط

ماڻهن کي نجات ڏنيسون، جيڪي ساڻس ٻيڙيءَ ۾ هئا ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو، تن کي غرق ڪيوسون. بيشڪ اها

اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِيْنَ ﴿٦٤﴾ ع وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ط ع ٨ ٢ ١٥

قوم (دل جي معرفت کان) انڌي هئي ﴿٦٤﴾ ۽ عاد ڏانهن سندن (قومي) ڀاءُ هود (عليه السلام) کي (موڪليوسون) انهيءَ چيو ته اي

قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ط اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٦٥﴾

منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود نه آهي. ڇا پوءِ (سندس نافرمانيءَ کان) نٿا ڊڄو؟ ﴿٦٥﴾

قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖٓ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ

سندس قوم جي سردارن چيو ته بيشڪ اسين تو کي بيوقوفيءَ ۾ ڏسون ٿا ۽ بيشڪ تو کي (پنهنجي

سَفَاهَةٍ وَّاِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٦٦﴾ قَالَ يٰقَوْمِ لَيْسَ

پيغمبريءَ جي دعويٰ ۾) ڪوڙن مان ڀانيون ٿا ﴿٦٦﴾ (هود عليه السلام) چيو ته اي منهنجي قوم! مون ۾ ڪا به

بِيْ سَفَاهَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٧﴾ اُبَلِّغُكُمْ

بيوقوفي نه آهي ۽ پر آءٌ جهانن جي پالڻهار جي پاران هڪ رسول آهيان ﴿٦٧﴾ توهان تائين پنهنجي

رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنَا لَكُمْ نَاصِحٌ اَمِيْنٌ ﴿٦٨﴾ اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ

ربّ جا پيغامَ پهچايان ٿو ۽ آءٌ توهان لاءِ هڪ امانتدار نصيحت ڪندڙ آهيان ﴿٦٨﴾ يا توهان کي اها ڳالهه تعجّب

جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ ؕ وَ

۾ وجهي ٿي ته توهان وٽ توهان جي پالڻهار جي طرفان، توهان مان هڪ شخص تي نصيحت

اذْكُرُوْٓا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّ

آئي آهي، جيئن توهان کي ڊيڄاري ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان کي قوم نوح (عليه السلام) کان پوءِ (زمين ۾

زَادَكُمْ فِي الْخَلْقِ بَصْۜطَةً ۚ فَاذْكُرُوْٓا اٰلَآءَ اللّٰهِ لَعَلَّكُمْ

سنڌن) جانشين ڪيائين ۽ توهان کي خلقت ۾ طاقتور ڪيائين، پوءِ الله جي نعمتن کي ياد ڪريو، مَنَ توهين

تُفْلِحُوْنَ ﴿٦٩﴾ قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا لِنَعْبُدَ اللّٰهَ وَحْدَهٗ وَنَذَرَ

ڪامياب ٿيو ﴿٦٩﴾ انهن چيو ته ڇا تون اسان وٽ (هن مقصد سان) آيو آهين ته جيئن اسين اڪيلي الله جي عبادت ڪريون ۽

مَا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا ۚ فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ

اسان جا ابا ڏاڏا جن (معبودن) جي عبادت ڪندا هئا، تن کي ڇڏي ڏيون؟ ڇڱو! جنهن (عذاب) جي اسان کي ڌمڪي

مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ قَدْ وَقَعَ عَلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ رِجْسٌ

ڏئين ٿو، سو آڻ، جيڪڏهن سچن مان آهين ﴿٧٠﴾ (هود عليه السلام) چيو ته بيشڪ توهان تي توهان جي ربّ جي طرفان عذاب ۽

وَّ غَضَبٌ ؕ اَتُجَادِلُوْنَنِيْ فِيْۤ اَسْمَآءٍ سَمَّيْتُمُوْهَاۤ اَنْتُمْ

ڏمر واقع ٿي چڪو. ڇا توهان مون سان ڪن نالن جي باري ۾ جهڳڙو ڪريو ٿا، جيڪي توهان ۽ توهان

وَ اٰبَآؤُكُمْ مَّا نَزَّلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ فَانْتَظِرُوْۤا

جي ابن ڏاڏن پاڻ رکيا آهن، انهن جي باري ۾ الله تعاليٰ ڪو دليل نه لاٿو آهي. پوءِ (انهيءَ عذاب جو) انتظار

اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿۷۱﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَ الَّذِيْنَ مَعَهٗ

ڪريو، بيشڪ آءٌ به توهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان ﴿۷۱﴾ پوءِ اسان پنهنجي رحمت سان هود (عليه السلام) ۽ سندس

بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَ قَطَعْنَا دَابِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَ مَا كَانُوْا

ساٿين کي نجات ڏني ۽ انهن ماڻهن جي پاڙ پٽي ڇڏي سون، جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو ۽ اهي ايمان آڻڻ وارا

مُؤْمِنِيْنَ ﴿۷۲﴾ ع وَ اِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ

نه هئا ﴿۷۲﴾ ۽ ثمود ڏانهن سندن (قومي) ڀاءُ صالح (عليه السلام) کي (موڪليوسون) انهيءَ چيو ته اي منهنجي قوم! الله

مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ هٰذِهٖ

جي عبادت ڪريو، ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود نه آهي. بيشڪ توهان جي ربّ جي طرفان توهان وٽ پڌري نشاني اچي

نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْۤ اَرْضِ اللّٰهِ وَ لَا

چڪي آهي. توهان لاءِ الله جي (قدرت جي) هڪ نشاني هيءَ ڏاچي آهي، پوءِ ان کي ڇڏي ڏيو ته الله جي زمين ۾ چرندي

تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۷۳﴾ وَ اذْكُرُوْۤا اِذْ جَعَلَكُمْ

رهي ۽ ان کي خراب نيت سان هٿ نه لايو، نه ته توهان کي ڏکوئيندڙ عذاب پڪڙيندو ﴿۷۳﴾ ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان کي قوم عاد کان

خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ عَادٍ وَّ بَوَّاَكُمْ فِي الْاَرْضِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْ

پوءِ جانشين ڪيائين ۽ زمين ۾ توهان کي آباد ڪيائين. (گرميءَ جي موسم ۾) زمين مان (مٽي يعني پنجو وغيره

وقف لازم

سُهُوْلِهَا قُصُوْرًا وَّتَنْحِتُوْنَ الْجِبَالَ بُيُوْتًا ۚ فَاذْكُرُوْٓا اٰلَاۤءَ

ڪٽي) محلات ٺاهيو ٿا ۽ (سرديءَ جي موسم ۾ رهڻ لاءِ) جبلن کي ٽُڪي گهر ٺاهيو ٿا. پوءِ الله

اللّٰهِ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿٧٤﴾ قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ

جي نعمتن کي ياد ڪريو ۽ زمين ۾ فسادي ٿي نه ڦرو ﴿٧٤﴾ سندس قوم مان جن سردارن وڏائي ڪئي،

اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِمَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ

تن هيٺن (يعني مؤمنن) کي چيو ته ڇا توهين ڄاڻو ٿا ته صالح (عليه السلام) پنهنجي ربّ جي طرفان موڪليل (پيغمبر)

اَتَعْلَمُوْنَ اَنَّ صٰلِحًا مُّرْسَلٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ اُرْسِلَ

آهي؟ انهن چيو ته جيڪي ڪجهه صالح (عليه السلام) کي ڏئي موڪليو ويو آهي، بيشڪ اسين ان تي ايمان

بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿٧٥﴾ قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا بِالَّذِيْٓ اٰمَنْتُمْ بِهٖ

آڻيندڙ آهيون ﴿٧٥﴾ وڏائي ڪندڙن چيو ته بيشڪ اسين انهيءَ (دين) جا انڪاري آهيون، جنهن تي توهان ايمان آندو

كٰفِرُوْنَ ﴿٧٦﴾ فَعَقَرُوا النَّاقَةَ وَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ وَقَالُوْا يٰصٰلِحُ

آهي ﴿٧٦﴾ پوءِ ڏاچيءَ کي ماري ڇڏيائون ۽ پنهنجي ربّ جي حڪم جي نافرماني ڪيائون ۽ چيائون ته اي صالح! (عذاب جي)

ائْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٧٧﴾ فَاَخَذَتْهُمُ

جيڪا ڌمڪي اسان کي ڏئين ٿو، سو آڻ، جيڪڏهن رسولن مان آهين ﴿٧٧﴾ پوءِ انهن کي زلزلي اچي پڪڙيو، پوءِ اهي پنهنجن

الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٧٨﴾ فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ

گهرن ۾ اونڌا ٿي پٽجي رهجي ويا ﴿٧٨﴾ پوءِ (عذاب جي اچڻ کان بعد صالح (عليه السلام) انهن کان پٺي ڦيرائي ۽ چيو ته اي منهنجي

يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسَالَةَ رَبِّيْ وَنَصَحْتُ لَكُمْ وَلٰكِنْ لَّا

قوم! بيشڪ مون توهان تائين پنهنجي ربّ جو پيغام پهچايو ۽ توهان کي نصيحت ڪئي ۽ پر توهان نصيحت ڪندڙن کي پسند

تُحِبُّوْنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿٧٩﴾ وَ لُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖۤ اَتَاْتُوْنَ

نٿا ڪريو ﴿٧٩﴾ ۽ لوط (عليه السلام جو ذڪر ڪر) جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين ته ڇا بيحيائيءَ وارو (اهو پليت) ڪم ڪريو ٿا،

الْفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٠﴾

جيڪو (آدم عليه السلام کان اڄ تائين) توهان کان اڳ دنيا وارن مان ڪنهن نه ڪيو آهي؟ ﴿٨٠﴾

اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ

تحقيق توهين شهوت پوري ڪرڻ جي غرض سان عورتن کي ڇڏي مردن وٽ اچو ٿا. بلڪ توهان حد کان

بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿٨١﴾ وَ مَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖۤ

لنگهندڙ قوم آهيو ﴿٨١﴾ ۽ سندس قوم جو جواب هن کان سواءِ ڪجهه نه هو ته (لوط عليه السلام سميت) هنن (سيني مؤمنن)

اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْۤا اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ

کي توهان پنهنجي ڳوٺ مان لوڏي ڪڍي ڇڏيو، بيشڪ اهي ته ڪي ڏاڍا پاڪباز ماڻهو ٿي رهيا

يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَ اَهْلَهٗۤ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۖ كَانَتْ

آهن ﴿٨٢﴾ پوءِ اسان (لوط عليه السلام کي) ۽ سندس گهر وارن کي بچايو، سواءِ سندس زال جي، جيڪا پوئتي رهندڙن

مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٨٣﴾ وَ اَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ؕ فَانْظُرْ

(يعني عذاب ڀوڳيندڙن) مان هئي ﴿٨٣﴾ ۽ مٿن (پٿرن جو) زبردست مينهن وسايوسون. پوءِ (اي محمد ﷺ!) ڏس ته

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٨٤﴾ ع وَ اِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ ع ١٠

ڏوهارين جي پڇاڙي ڪهڙي (نه بڇڙي) ٿي؟ ﴿٨٤﴾ ۽ مدين ڏانهن سندن (قومي) ڀاءُ شعيب (عليه السلام) کي (پيغمبر

شُعَيْبًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ

ڪري موڪليوسون.) انهيءَ چيو ته اي منهنجي قوم! (خاص) الله جي عبادت ڪريو، ان کان سواءِ توهان جو ڪو

قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ

معبود نہ آهي. بيشڪ توهان وٽ توهان جي پالڻهار جي طرفان پڌري نشاني اچي چڪي آهي، پوءِ ماپ ۽ تور

وَ لَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ

پوري ڪريو ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽائي نہ ڏيو ۽ زمين جي سڌاري کان پوءِ منجهس فساد نہ وجهو.

بَعْدَ اِصْلَاحِهَا ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ﴿۸۵﴾

توهان جي اها ڳالهہ توهان جي لاءِ ڏاڍي چڱي آهي، جيڪڏهن توهين ايمان وارا آهيو ﴿۸۵﴾

وَ لَا تَقْعُدُوْا بِكُلِّ صِرَاطٍ تُوْعِدُوْنَ وَ تَصُدُّوْنَ عَنْ

۽ هر هڪ رستي تي نہ ويهو (جو قتل وغيره جي ڌمڪي ڏئي ماڻهن کي) ڊيڄاريو تا ۽ الله جي واٽ کان

سَبِيْلِ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِهٖ وَ تَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ وَاذْكُرُوْٓا

ايمان وارن کي روڪيو تا ۽ انهيءَ ۾ ڏنگائي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو تا ۽ ياد ڪريو جڏهن

اِذْ كُنْتُمْ قَلِيْلًا فَكَثَّرَكُمْ ص وَ انْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ

توهان ٿورا هئا، پوءِ (الله تعاليٰ) توهان کي وڌايو ۽ ڏسو تہ فساد وجهڻ وارن جي پڇاڙي ڪهڙي

عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۸۶﴾ وَ اِنْ كَانَ طَآئِفَةٌ مِّنْكُمْ اٰمَنُوْا

(نہ بڇڙي) ٿي آهي؟ ﴿۸۶﴾ ۽ جيڪڏهن توهان مان هڪڙي ٽوليءَ انهيءَ (دين) تي ايمان آندو آهي، جنهن

بِالَّذِيْٓ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَ طَآئِفَةٌ لَّمْ يُؤْمِنُوْا فَاصْبِرُوْا حَتّٰى

سان مون کي موڪليو ويو آهي ۽ هڪڙي ٽولي ايمان نٿي آڻي تہ پوءِ صبر ڪريو، تانجو الله اسان جي وچ ۾

يَحْكُمَ اللّٰهُ بَيْنَنَا ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿۸۷﴾

فيصلو فرمائي ۽ اهو ئي چڱو فيصلو ڪندڙ آهي ﴿۸۷﴾

قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَنُخْرِجَنَّكَ يٰشُعَيْبُ وَالَّذِيْنَ

سندس قوم جي متڪبر سردارن چيو تہ اي شعيب ! (علیہ السلام) ضرور اسان تو کي ۽ انهن ماڻهن کي پنهنجي ڳوٺ مان

اٰمَنُوْا مَعَكَ مِنْ قَرْيَتِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ قَالَ اَوَلَوْ كُنَّا

لوڌي ڪڍي ڇڏينداسون، جن تو سان گڏ ايمان آندو آهي، يا ضرور توهان کي اسان جي مذهب ۽ ملت ۾ موٽي اچڻو

كٰرِهِيْنَ ﴿۸۸﴾ قَدِ افْتَرَيْنَا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اِنْ عُدْنَا فِيْ مِلَّتِكُمْ بَعْدَ

پوندو. شعيب (علیہ السلام) چيو تہ (ڇا توهان اسان کي زور، زبردستيءَ سان پنهنجي مذهب ڏانهن موٽائيندا) جيتوڻيڪ اسين پسند
ڪرڻ وارا نہ هجون ﴿۸۸﴾ جيڪڏهن توهان جي مذهب ۽ ملت ۾ موٽي آياسون، هن کان پوءِ جو الله اسان کي ان کان نجات ڏني آهي

اِذْ نَجّٰىنَا اللّٰهُ مِنْهَا ؕ وَمَا يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّعُوْدَ فِيْهَآ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ

تہ بيشڪ اسان الله تي ڪوڙو بهتان هنيو ۽ اسان کي نٿو جڳائي تہ (توهان جي) انهيءَ مذهب ۾ موٽي اچون، مگر هيءُ تہ

رَبُّنَا ؕ وَسِعَ رَبُّنَا كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ؕ عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ؕ رَبَّنَا افْتَحْ

اسان جو ربّ الله چاهي. اسان جي ربّ جو علم هر شيءِ تي ڪشادو آهي. اسان الله تي ڀروسو ڪيو. ربّ اسان جا ! اسان جي ۽

بَيْنَنَا وَبَيْنَ قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَاَنْتَ خَيْرُ الْفٰتِحِيْنَ ﴿۸۹﴾ وَقَالَ الْمَلَاُ

اسان جي قوم جي وچ ۾ حقّ سان فيصلو فرماءِ ۽ تون بهترين فيصلو فرمائيندڙ آهين ﴿۸۹﴾ ۽ (شعيب علیہ السلام جي) قوم جي ڪافر

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَئِنِ اتَّبَعْتُمْ شُعَيْبًا اِنَّكُمْ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ﴿۹۰﴾

سردارن (ڪمزورن کي) چيو تہ جيڪڏهن توهان شعيب (علیہ السلام) جي پيروي ڪندا تہ ان وقت بيشڪ توهين نقصان وارا ٿيندا ﴿۹۰﴾

فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿۹۱﴾ ۚ الَّذِيْنَ

پوءِ کين زلزلي (جي عذاب) پڪڙيو، پوءِ اُهي پنهنجن گهرن ۾ اونڌا ٿي ڪري مري ويا ﴿۹۱﴾ جن ماڻهن شعيب کي

كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ۛۚ اَلَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَانُوْا

ڪوڙو ڪيو، سي ڄڻ تہ انهن (شهرن) ۾ رهيا ئي نہ هئا. جن ماڻهن شعيب (علیہ السلام) کي ڪوڙو ڪيو، اهي ئي نقصان

هُمُ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۹۲﴾ فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسٰلٰتِ

پو ڳڻ وارا هئا ﴿۹۲﴾ پوءِ (شعيب عليه السلام) انهن کان منهن موڙيو ۽ چيائين ته اي منهنجي قوم! مون توهان تائين پنهنجي ربّ

رَبِّيْ وَنَصَحْتُ لَكُمْ ۚ فَكَيْفَ اٰسٰى عَلٰى قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿۹۳﴾ ع وَمَآ اَرْسَلْنَا

جا پيغام پهچايا ۽ توهان کي نصيحت ڪئي، پوءِ ڪيئن ڪافر قوم تي (غم ۽) افسوس ڪريان ﴿۹۳﴾ ۽ اسان (جڏهن به) ڪنهن ڳوٺ

فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّبِيٍّ اِلَّآ اَخَذْنَآ اَهْلَهَا بِالْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ

۾ ڪو نبي موڪليو ته اتان جي رهاڪن کي (انهيءَ نبي جي نافرمانيءَ سبب) محتاجي ۽ سختي ۾ پڪڙيوسون، من اهي

يَضَّرَّعُوْنَ ﴿۹۴﴾ ثُمَّ بَدَّلْنَا مَكَانَ السَّيِّئَةِ الْحَسَنَةَ حَتّٰى عَفَوْا وَّقَالُوْا قَدْ

توبه زاري ڪن ﴿۹۴﴾ پوءِ سندن ڏکن کي سکن سان بدلايوسون، تانجو جڏهن وڌيا ويجهيا ۽ چوڻ لڳا ته بيشڪ اسان جي ابن ڏاڏن

مَسَّ اٰبَآءَنَا الضَّرَّآءُ وَالسَّرَّآءُ فَاَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۹۵﴾

کي به ڏکن ۽ سُکن سان واسطو پيو هو (اها ته زماني جي ريت آهي.) پوءِ کين اوچتو پڪڙيوسون ۽ کين (اسان جي عذاب جي

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰٓى اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ مِّنَ

اچڻ جي) ڄاڻ به نه ٿي ﴿۹۵﴾ ۽ جيڪڏهن ڳوٺن وارا ايمان آڻين ها ۽ (شرڪ کان) بچن ها ته ضرور مٿن آسمان مان مينهن

السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۹۶﴾

وسايون ها ۽ زمين جي (اُپت مان انهن جي لاءِ) برڪتن جا دروازا کوليون ها ۽ پر (انهن اسان جي ڪتابن ۽ رسولن کي) ڪوڙو
ڪيو، پوءِ کين سندن ڪرتوتن جي سبب (ڏڪار ۽ تنگيءَ سان) پڪڙيوسون ﴿۹۶﴾ يا ڳوٺن وارا (پيغمبر ﷺ کي ڪوڙو ڪرڻ

اَفَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا بَيَاتًا وَّهُمْ نَآئِمُوْنَ ﴿۹۷﴾ ط اَوَ

کان پوءِ) بيخوف آهن ته مٿن اسان جو عذاب رات جي وقت اچي ۽ اهي ستل هجن ﴿۹۷﴾ يا ڳوٺن وارا بيخوف

اَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا ضُحًى وَّهُمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿۹۸﴾ اَفَاَمِنُوْا

آهن ته مٿن اسان جو عذاب ڏينهن چڙهئي اچي، جڏهن اهي راند روند ۾ مشغول هوندا آهن ﴿۹۸﴾ يا الله جي تدبير (۽

ع ۱۲

مَكْرَ اللّٰهِ ۚ فَلَا يَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٩٩﴾ ع اَوَلَمْ يَهْدِ ع ۱۲ ۲

عذاب) کان بي خوف آهن، پوءِ نقصان پوڳڻ وارا ماڻهو ئي الله جي تدبير کان بي خوف هوندا آهن ﴿٩٩﴾ يا جيڪي ماڻهو

لِلَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِ اَهْلِهَآ اَنْ لَّوْ نَشَآءُ اَصَبْنٰهُمْ

زمين ۾ اڳين قومن جا وارث ٿين ٿا، تن تي (اها حقيقت) روشن نٿي ٿئي ته جيڪڏهن اسين گهرون ته (ساڳيءَ طرح) سندن

بِذُنُوْبِهِمْ ۚ وَنَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿١٠٠﴾ تِلْكَ

گناهن جي سبب مٿن به عذاب ڪريون ۽ سندن دلين تي مهر هڻي ڇڏيون، پوءِ اُهي (نصيحت) نٿا ٻڌن ﴿١٠٠﴾ اِهي،

الْقُرٰى نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآئِهَا ۚ وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ

اُهي ڳوٺ آهن، جن جون خبرون توکي بيان ڪري ٻڌايون ٿا ۽ بيشڪ وٽن سندن پيغمبرن روشن نشانيون

بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا مِنْ قَبْلُ ؕ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ

آنديون، پوءِ اهي اڳي ئي ڪوڙو ڪرڻ سبب ايمان آڻڻ وارا نه هئا. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ ڪافرن

اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٠١﴾ وَمَا وَجَدْنَا لِاَكْثَرِهِمْ مِّنْ عَهْدٍ ۚ وَاِنْ

جي دلين تي مهر هڻندو آهي ﴿١٠١﴾ ۽ اسان انهن مان گهڻن ۾ عهد ۽ وعدي جي پابندي نه لڌي ۽ انهن

وَّجَدْنَآ اَكْثَرَهُمْ لَفٰسِقِيْنَ ﴿١٠٢﴾ ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ

مان گهڻن کي نافرماني ڪندڙ لڌوسون ﴿١٠٢﴾ پوءِ انهن (پيغمبرن) کان بعد پنهنجيون آيتون ڏئي موسيٰ (عليه السلام)

اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَظَلَمُوْا بِهَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ

کي فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن موڪليوسون. پوءِ انهن اسان جي آيتن سان ظلم ڪيو، پوءِ ڏس ته فسادين جي

الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٠٣﴾ وَقَالَ مُوْسٰى يٰفِرْعَوْنُ اِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ

پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ ﴿١٠٣﴾ ۽ موسيٰ (عليه السلام) چيو ته اي فرعون! بيشڪ آءٌ جهانن جي ربّ جي طرفان پيغمبر ٿي

الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٤﴾ حَقِيْقٌ عَلٰٓى اَنْ لَّآ اَقُوْلَ عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ؕ قَدْ جِئْتُكُمْ

آيو آهيان ﴿١٠٤﴾ هن لائق آهيان تہ الله تي ناحقّ ڪا بہ ڳالهہ نہ چوان. بيشڪ مون توهان وٽ توهان جي ربّ جي طرفان پڌري

بِبَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ مَعِيَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٠٥﴾ قَالَ اِنْ كُنْتَ

نشاني آندي آهي. پوءِ بني اسرائيل کي آزاد ڪري، مون سان گڏ وڃڻ جي اجازت ڏي (جن کان توهان سخت جبري ۽

جِئْتَ بِاٰيَةٍ فَاْتِ بِهَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١٠٦﴾ فَاَلْقٰى عَصَاهُ

بيگار جا ڪم وٺي رهيا آهيو.) ﴿١٠٥﴾ (فرعون) چيو تہ جيڪڏهن تو ڪا نشاني آندي آهي تہ پيش ڪر، جيڪڏهن تون

١٣ ع ٤ فَاِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٠٧﴾ وَّنَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا هِيَ بَيْضَآءُ لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿١٠٨﴾ ع

سچن مان آهين ﴿١٠٦﴾ پوءِ (موسيٰ عليه السلام) پنهنجي لٺ اڇلائي تہ ڏسندي ئي ڏسندي اها پڌرو (واسينگ) نانگ
ٿي پئي ﴿١٠٧﴾ ۽ پنهنجي هٿ کي (پنهنجي بغل ۾ وجهي) ٻاهر ڪڍيائين تہ اوچتو ڏسندڙن لاءِ روشن ٿي پيو ﴿١٠٨﴾

قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِيْمٌ ﴿١٠٩﴾ لا يُّرِيْدُ اَنْ

فرعون جي قوم جي سردارن چيو تہ بيشڪ هيءُ تہ ڪو وڏو (ماهر) جادوگر آهي ﴿١٠٩﴾ توهان کي توهان جي ملڪ مان

يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ ۚ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ ﴿١١٠﴾ قَالُوْٓا اَرْجِهْ وَاَخَاهُ وَاَرْسِلْ

ڪڍڻ گهري ٿو، پوءِ (سندس باري ۾) ڪهڙو ٿا حڪم ڏيو؟ ﴿١١٠﴾ انهن چيو تہ ڪيس ۽ سندس ڀاءُ کي ترساءِ ۽ شهرن ۾ گڏ

فِى الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿١١١﴾ لا يَاْتُوْكَ بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِيْمٍ ﴿١١٢﴾ وَجَآءَ السَّحَرَةُ

ڪندڙن (هاڪارن) کي موڪل ﴿١١١﴾ تہ تو وٽ هر ماهر جادوگر کي آڻي پيش ڪن ﴿١١٢﴾ ۽ جادوگر فرعون وٽ آيا. انهن چيو تہ

فِرْعَوْنَ قَالُوْٓا اِنَّ لَنَا لَاَجْرًا اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿١١٣﴾ قَالَ نَعَمْ وَ

جيڪڏهن اسين (موسيٰ ۽ هارون تي) غالب ٿيون تہ ضرور اسان کي انعام تہ ڏنو ويندو؟ ﴿١١٣﴾ (فرعون) چيو تہ هائو! ۽ پڻ

اِنَّكُمْ لَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿١١٤﴾ قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِمَّآ اَنْ تُلْقِيَ وَاِمَّآ اَنْ نَّكُوْنَ

توهان (منهنجي دربار جي) مقرّبن ۾ شامل ٿي ويندا ﴿١١٤﴾ (جادوگرن) چيو تہ اي موسيٰ! يا تون (لٺ) اڇلاءِ يا اسين ٿا

نَحْنُ الْمُلْقِيْنَ ﴿۱۱۵﴾ قَالَ اَلْقُوْا ۚ فَلَمَّآ اَلْقَوْا سَحَرُوْٓا اَعْيُنَ النَّاسِ

اڇلايون ﴿۱۱۵﴾ (موسيٰ عليه السلام) چيو ته توهان ئي اڇلايو. پوءِ جڏهن انهن (رسيون) اڇلايون ته ماڻهن جي اکين تي

وَاسْتَرْهَبُوْهُمْ وَجَآءُوْ بِسِحْرٍ عَظِيْمٍ ﴿۱۱۶﴾ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنْ اَلْقِ

جادو ڪيائون ۽ کين ڊپ ۾ وجهي ڇڏيائون ۽ وڏو جادو ٺاهي آيا ﴿۱۱۶﴾ ۽ موسيٰ ڏانهن وحي ڪيوسون ته پنهنجي لٺ کي

عَصَاكَ ۚ فَاِذَا هِيَ تَلْقَفُ مَا يَاْفِكُوْنَ ﴿۱۱۷﴾ ۚ فَوَقَعَ الْحَقُّ وَبَطَلَ مَا

اڇلاءِ، پوءِ جيڪو ڪوڙ ٺاهي آيا آهن، تنهن کي ڏسندي ئي ڏسندي ڳهي ويندي ﴿۱۱۷﴾ پوءِ حقّ ثابت ٿيو ۽ جيڪي (عمل

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۱۸﴾ ۚ فَغُلِبُوْا هُنَالِكَ وَانْقَلَبُوْا صٰغِرِيْنَ ﴿۱۱۹﴾ ۚ وَاُلْقِيَ

اُهي) ڪندا هئا، سي باطل ثابت ٿيا ﴿۱۱۸﴾ پوءِ اهي اُتي جو اُتي مغلوب ٿيا، ذلت ڏانهن موٽيا ﴿۱۱۹﴾ ۽ جادوگرَ

السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ﴿۱۲۰﴾ ۚ قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۲۱﴾ ۙ رَبِّ مُوْسٰى

سجدي ۾ ڪِري پيا ﴿۱۲۰﴾ انهن چيو ته جهانن جي ربّ تي ايمان آندوسون ﴿۱۲۱﴾ جيڪو موسيٰ ۽ هارون جو

وَهٰرُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ قَالَ فِرْعَوْنُ اٰمَنْتُمْ بِهٖ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ۚ اِنَّ

ربّ آهي ﴿۱۲۲﴾ فرعون چيو ته توهان ان تي ايمان آندو، اڳهن کان جو آءٌ توهان کي اجازت ڏيان! بيشڪ اها هڪ ڳجهي تدبير

هٰذَا لَمَكْرٌ مَّكَرْتُمُوْهُ فِى الْمَدِيْنَةِ لِتُخْرِجُوْا مِنْهَآ اَهْلَهَا ۚ فَسَوْفَ

آهي، جيڪا (مصر جي) شهر ۾ (موسيٰ سان گڏجي توهان) ٺاهي آيا آهيو، جيئن هتان جي رهندڙن کي ڪڍو، پوءِ سگهو ئي

تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۲۳﴾ لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ ثُمَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمْ

توهان ڄاڻندا ﴿۱۲۳﴾ ضرور توهان جا هٿ ۽ توهان جا پير اُبتا سبتا ڪٽي ڇڏيندس، پوءِ ضرور توهان سڀني کي ڦاهيءَ تي

اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۲۴﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا مُنْقَلِبُوْنَ ﴿۱۲۵﴾ ۚ وَمَا تَنْقِمُ مِنَّآ اِلَّآ

چاڙهيندس ﴿۱۲۴﴾ انهن چيو ته بيشڪ اسين پنهنجي ربّ ڏانهن موٽڻ وارا آهيون ﴿۱۲۵﴾ ۽ تون اسان کان رڳو هن ڪري بدلو وٺي رهيو

اَنْ اٰمَنَّا بِاٰيٰتِ رَبِّنَا لَمَّا جَآءَتْنَا ؕ رَبَّنَآ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّ تَوَفَّنَا

آهين جو اسان پنهنجي ربّ جي آيل آيتن تي ايمان آندو . ربّ اسان جا! اسان کي صبر (۽ ثابت قدمي) عطا فرماءِ ۽ اسان کي

مُسْلِمِيْنَ ﴿١٢٦﴾ ع وَقَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اَتَذَرُ مُوْسٰى وَقَوْمَهٗ ع ١٤ ١٨ ٤

مسلمان ڪري مار ﴿١٢٦﴾ ۽ فرعوني قوم جي سردارن چيو تہ ڇا تون موسيٰ ۽ سندس قوم کي ڇڏي ڏيندين، جيئن مُلڪ ۾ فساد

لِيُفْسِدُوْا فِى الْاَرْضِ وَيَذَرَكَ وَاٰلِهَتَكَ ؕ قَالَ سَنُقَتِّلُ اَبْنَآءَهُمْ

وجهن ۽ توکي ۽ تنهنجن معبودن کي ڇڏي ڏين (جن جا مجسما تو هر هنڌ کوڙايا آهن.) چيائين تہ اجهو تہ سندن پٽن کي قتل

وَنَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ۚ وَاِنَّا فَوْقَهُمْ قٰهِرُوْنَ ﴿١٢٧﴾ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهِ

ڪريون ۽ سندن عورتن کي جيئرو ڇڏيون ۽ بيشڪ اسين مٿن غالب آهيون ﴿١٢٧﴾ موسيٰ (عليه السلام) پنهنجي قوم کي چيو تہ

اسْتَعِيْنُوْا بِاللّٰهِ وَاصْبِرُوْا ۚ اِنَّ الْاَرْضَ لِلّٰهِ ۙ قف يُوْرِثُهَا مَنْ يَّشَآءُ

الله کان مدد وٺو ۽ صبر ڪريو، بيشڪ زمين الله جي آهي، پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهرندو آهي، اُن جو وارث

مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿١٢٨﴾ قَالُوْٓا اُوْذِيْنَا مِنْ قَبْلِ اَنْ

ڪندو آهي ۽ پڇاڙي (۽ ڪاميابي ۽ جنت) پرهيزگارن لاءِ آهي ﴿١٢٨﴾ چيائون تہ تنهنجي اچڻ کان اڳ ۽ تنهنجي اچڻ کان پوءِ

تَاْتِيَنَا وَمِنْۢ بَعْدِ مَا جِئْتَنَا ؕ قَالَ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّهْلِكَ عَدُوَّكُمْ

بہ اسان کي ايذاءَ ڏنا ويا. (موسيٰ (عليه السلام)) چيو تہ ويجهو آهي تہ توهان جو ربّ توهان جي دشمن کي هلاڪ ڪري ۽ توهان

وَيَسْتَخْلِفَكُمْ فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٩﴾ ع وَلَقَدْ اَخَذْنَآ ع ١٥ ٣ ٥

ڪي ملڪ ۾ انهن جو جانشين ڪري، پوءِ ڏسي تہ توهان ڪيئن (شڪر گذاريءَ جا) عملَ ڪريو ٿا؟ ﴿١٢٩﴾ ۽ بيشڪ اسان فرعون

اٰلَ فِرْعَوْنَ بِالسِّنِيْنَ وَنَقْصٍ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿١٣٠﴾

جي قوم کي ڏڪار ۽ ميون جي کوٽ سان پڪڙيو تہ مَنَ اُهي نصيحت کي قبول ڪن ﴿١٣٠﴾

فَإِذَا جَآءَتۡهُمُ ٱلۡحَسَنَةُ قَالُواْ لَنَا هَٰذِهِۦۖ وَإِن تُصِبۡهُمۡ سَيِّئَةٞ

پوءِ جڏهن به انهن وٽ چڱائي (يعني مال ۽ نعمتن جي ڪشادگي) ايندي هئي، چوندا هئا ته اسان ئي ان جا حقدار

يَطَّيَّرُواْ بِمُوسَىٰ وَمَن مَّعَهُۥٓۗ أَلَآ إِنَّمَا طَٰٓئِرُهُمۡ عِندَ ٱللَّهِ وَ

آهيون ۽ جيڪڏهن مٿن ڪا برائي (يعني تنگي ۽ ڏڪار) ايندو هو ته (ان کي) موسيٰ (عليه السلام) ۽ سندس ساٿين جي

لَٰكِنَّ أَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُونَ ١٣١ وَقَالُواْ مَهۡمَا تَأۡتِنَا بِهِۦ مِنۡ ءَايَةٖ

طرفان نحوست پائيندا هئا. بڌو ! انهن جي نحوست (سندن ڪفر جي جزا جي ڪري)، الله تعاليٰ وٽ آهي ۽ پر اُنهن
مان گهڻا نٿا ڄاڻن ١٣١ ۽ انهن (فرعونين موسيٰ (عليه السلام) کي) چيو ته تون اسان تي جادو ڪرڻ جي لاءِ جيڪا به نشاني

لِّتَسۡحَرَنَا بِهَا فَمَا نَحۡنُ لَكَ بِمُؤۡمِنِينَ ١٣٢ فَأَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِمُ ٱلطُّوفَانَ

آڻيندين، تڏهن به توتي ايمان آڻڻ وارا نه آهيون ١٣٢ پوءِ اسان مٿن (ساندهه ست ڏينهن ۽ راتيون) طوفان ۽

وَٱلۡجَرَادَ وَٱلۡقُمَّلَ وَٱلضَّفَادِعَ وَٱلدَّمَ ءَايَٰتٖ مُّفَصَّلَٰتٖ فَٱسۡتَكۡبَرُواْ

ماڪڙ ۽ جونءَ ۽ ڏيڏر ۽ رت (جي عذاب جهڙيون) ڪيتريون ئي روشن نشانيون موڪليون، پوءِ انهن وڏائي

وَكَانُواْ قَوۡمٗا مُّجۡرِمِينَ ١٣٣ وَلَمَّا وَقَعَ عَلَيۡهِمُ ٱلرِّجۡزُ قَالُواْ

ڪئي ۽ اُهي ڏوهاري ماڻهو هئا ١٣٣ ۽ جڏهن به مٿن عذاب ايندو هو، چوندا هئا ته اي موسيٰ (عليه السلام) !

يَٰمُوسَى ٱدۡعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ عِندَكَۖ لَئِن كَشَفۡتَ عَنَّا ٱلرِّجۡزَ

تنهنجي ربّ توسان جيڪو عهد ڪيو آهي، ان جي وسيلي اسان لاءِ دعا گهر، جيڪڏهن اسان تان عذاب کي ٽاريندين ته

لَنُؤۡمِنَنَّ لَكَ وَلَنُرۡسِلَنَّ مَعَكَ بَنِيٓ إِسۡرَٰٓءِيلَ ١٣٤ فَلَمَّا كَشَفۡنَا

البت ضرور توتي ايمان آڻينداسون ۽ ضرور بني اسرائيل کي توسان موڪليندا سون ١٣٤ پوءِ جڏهن مقرر مدّت

عَنۡهُمُ ٱلرِّجۡزَ إِلَىٰٓ أَجَلٍ هُم بَٰلِغُوهُ إِذَا هُمۡ يَنكُثُونَ ١٣٥ فَٱنتَقَمۡنَا

لاءِ انهن تان آيل عذاب کي ٽاريندا هئاسون ته اتي جو اتي عهد جي ڀڃڪڙي ڪندا هئا ١٣٥ پوءِ انهن کان بدلو

مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ فِى الْيَمِّ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا

ورتوسون ۽ کين درياھ ۾ ٻوڙيوسون، ڇاڪاڻ تہ انھن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو ۽ انھن کان غافل

غٰفِلِيْنَ ﴿۱۳۶﴾ وَاَوْرَثْنَا الْقَوْمَ الَّذِيْنَ كَانُوْا يُسْتَضْعَفُوْنَ مَشَارِقَ

رھندا ھئا ﴿۱۳۶﴾ ۽ جنھن قوم کي (غلاميءَ ۽ ھيٺ) ھيٺو ڪري رکيو ويو، تنھن کي ملڪ (شام) جي اڀرندن ۽ الھندن علائقن

الْاَرْضِ وَمَغَارِبَهَا الَّتِىْ بٰرَكْنَا فِيْهَا ؕ وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ الْحُسْنٰى

جو وارث ڪيوسون. اُھا (سرزمين) جنھن ۾ اسان (پوکن ۽ پاڻيءَ جي نھرن جي صورت ۾) برڪتون رکيون آھن ۽ بني

عَلٰى بَنِىْۤ اِسْرَآءِيْلَ ۙ۬ بِمَا صَبَرُوْا ؕ وَدَمَّرْنَا مَا كَانَ يَصْنَعُ فِرْعَوْنُ

اسرائيل تي سندن صبر جي ڪري تنھنجي ربّ جو سھڻو وعدو پورو ٿيو ۽ فرعون ۽ سندس قوم جيڪي ڪم ڪندا ھئا ۽

الربع وَقَوْمُهٗ وَمَا كَانُوْا يَعْرِشُوْنَ ﴿۱۳۷﴾ وَجٰوَزْنَا بِبَنِىْۤ اِسْرَآءِيْلَ الْبَحْرَ

جيڪي اڏاوتون اڏيندا ھئا، تن کي ناس ڪري ڇڏيوسون ﴿۱۳۷﴾ ۽ بني اسرائيل کي سمنڊ کان پار ٽپايوسون. پوءِ اُھي ھڪ

فَاَتَوْا عَلٰى قَوْمٍ يَّعْكُفُوْنَ عَلٰۤى اَصْنَامٍ لَّهُمْ ۚ قَالُوْا يٰمُوْسَى اجْعَلْ لَّنَاۤ

قوم وٽ آيا، جيڪي پنھنجن بتن جي عبادت لاءِ مجاور ٿي ويٺا ھئا. انھن چيو تہ اي موسيٰ (عليہ السلام)! جيئن سندن ڪجھ معبودَ

اِلٰهًا كَمَا لَهُمْ اٰلِهَةٌ ؕ قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ﴿۱۳۸﴾ اِنَّ هٰۤؤُلَآءِ

آھن، تيئن اسان لاءِ بہ ھڪڙو معبود ٺاھ. (موسيٰ) چيو تہ بيشڪ توھان تہ جاھل قوم آھيو ﴿۱۳۸﴾ بيشڪ ان (بت پرست قوم) جي

مُتَبَّرٌ مَّا هُمْ فِيْهِ وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۳۹﴾ قَالَ اَغَيْرَ

عاقبت ھلاڪت (ڪان سواءِ ڪجھ نہ) آھي ۽ جيڪي ڪم اھي ڪن ٿا، سي باطل آھن ﴿۱۳۹﴾ موسيٰ چيو تہ ڇا توھان لاءِ غير الله کي

اللّٰهِ اَبْغِيْكُمْ اِلٰهًا وَّهُوَ فَضَّلَكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۴۰﴾ وَاِذْ اَنْجَيْنٰكُمْ

معبود ٺاھيان ۽ الله توھان کي (توھان جي زماني ۾) جھانن وارن تي فضيلت ڏني آھي ﴿۱۴۰﴾ ۽ (ياد ڪريو) جڏھن اسان توھان کي

مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ ۚ يُقَتِّلُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ

فرعوني قوم کان نجات ڏني. اهي توهان کي بڇڙو عذاب چکائيندا هئا، توهان جي پٽن کي ڪُهندا هئا ۽ توهان جي ڌيئرن کي

وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿١٤١﴾ ع ١٦ ٤

جيئرو ڇڏي ڏيندا هئا ۽ توهان جي انهيءَ (عذاب) ۾ توهان جي پالڻهار طرفان وڏي پرک هئي ﴿١٤١﴾

وَوٰعَدْنَا مُوْسٰى ثَلٰثِيْنَ لَيْلَةً وَّاَتْمَمْنٰهَا بِعَشْرٍ فَتَمَّ مِيْقَاتُ رَبِّهٖٓ

۽ اسان موسىٰ کي (مناجات لاءِ ذوالقعدة جي) ٽيهن راتين جو وعدو ڏنو ۽ انهن ۾ (ذوالحج جون) ڏهه (راتيون) وڌائي چاليهه

اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ۚ وَقَالَ مُوْسٰى لِاَخِيْهِ هٰرُوْنَ اخْلُفْنِيْ فِيْ قَوْمِيْ وَ

راتيون پوريون ڪيون. پوءِ سندس ربّ جي طرفان چاليهن راتين جي مدّت پوري ٿي ۽ موسىٰ پنهنجي ڀاءُ هارون کي چيو ته مون

اَصْلِحْ وَلَا تَتَّبِعْ سَبِيْلَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٤٢﴾ وَلَمَّا جَآءَ مُوْسٰى لِمِيْقَاتِنَا

کان پوءِ منهنجي قوم ۾ جانشيني ڪر ۽ سندن اصلاح ڪر ۽ فسادين جي واٽ تي نه هل ﴿١٤٢﴾ ۽ جڏهن موسىٰ اسان جي ملاقات لاءِ

وَكَلَّمَهٗ رَبُّهٗ ۙ قَالَ رَبِّ اَرِنِيْٓ اَنْظُرْ اِلَيْكَ ؕ قَالَ لَنْ تَرٰىنِيْ

آيو ۽ سندس ربّ ساڻس ڳالهايو (۽ سندس ڪلام جي لذت لذائين،) چوڻ لڳو ته ربّ منهنجا! مون کي پنهنجو ديدار ڪراءِ ته تو کي ڏسان.
فرمايائين ته مون کي (هن دنيا ۾) هرگز ڏسي نه سگهندين ۽ پر جبل ڏانهن نهار، جيڪڏهن (منهنجي تجليءَ کان پوءِ به) پنهنجي جاءِ

وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَى الْجَبَلِ فَاِنِ اسْتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوْفَ تَرٰىنِيْ ۚ فَلَمَّا

تي ٽِڪيو رهيو ته سگهوئي مون کي ڏسي سگهندين. پوءِ جڏهن سندس ربّ جبل تي تجلي ڪئي ته ان کي ٽڪر ٽڪر ڪري

تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا وَّخَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا ۚ فَلَمَّآ اَفَاقَ

ڇڏيائين ۽ موسىٰ (عليه السلام) بيهوش ٿي ڪري پيو. پوءِ جڏهن هوش ۾ آيو، چيائين ته (يا الله!) تون (هر عيب کان) پاڪ آهين (دنيا ۾

قَالَ سُبْحٰنَكَ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٤٣﴾ قَالَ يٰمُوْسٰٓى

تنهنجي ديدار جي دعا سبب) توڏانهن توبه ڪريان ٿو ۽ آءٌ (پنهنجي قوم ۾) سڀ کان اوّل ايمان آڻيندڙ آهيان ﴿١٤٣﴾ (الله) فرمايو ته اي

إِنِّي اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ بِرِسٰلٰتِي وَبِكَلَامِي ۖ فَخُذْ مَا

موسيٰ (عليه السلام)! بيشڪ ماڻهن تائين پنهنجي پيغمبري ۽ پنهنجو ڪلام جي پهچائڻ لاءِ مون تو ڪي چونڊيو. پوءِ جيڪي ڪجهه

اٰتَيْتُكَ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٤٤﴾ وَكَتَبْنَا لَهٗ فِي الْاَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ

تو ڪي ڏيان، ان ڪي وٺ ۽ شڪر ڪندڙن مان ٿيءُ ﴿١٤٤﴾ ۽ سندس لاءِ (توريت جي) تختين ۾ هر قسم جون (ديني) نصيحتون ۽

شَيْءٍ مَّوْعِظَةً وَّتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ ۚ فَخُذْهَا بِقُوَّةٍ وَّاْمُرْ قَوْمَكَ

(حلال ۽ حرام بابت) هر شيءِ تفصيل سان لکي ڏني سون. پوءِ (چيوسون تہ) انهن ڪي پنهنجي پوري قوّت سان وٺ

يَاْخُذُوْا بِاَحْسَنِهَا ؕ سَاُورِيْكُمْ دَارَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿١٤٥﴾ سَاَصْرِفُ عَنْ

۽ پنهنجي قوم ڪي حڪم ڪر تہ ان (ڪلام الله) ڪي وٺن ۽ ان جي سهڻين ڳالهين تي عمل ڪن. سگهوئي توهان ڪي بدڪارن (۽
نافرمانن) جو گهر (يعني جهنّم) ڏيکاريندس ﴿١٤٥﴾ سگهوئي انهن ماڻهن ڪي پنهنجين نشانين کان ڦيرائي ڇڏيندس، جيڪي

اٰيٰتِيَ الَّذِيْنَ يَتَكَبَّرُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ

زمين ۾ ناحقّ وڏائي ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن اهي هر قسم جي نشاني ڏسندا تہ بہ ان تي ايمان نہ آڻيندا ۽

اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الرُّشْدِ لَا يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۚ

جيڪڏهن هدايت جي واٽ ڏسندا تہ انهيءَ واٽ تي نہ هلندا ۽ جيڪڏهن گمراهيءَ جي

وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الْغَيِّ يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا

واٽ ڏسندا تہ انهيءَ واٽ تي هلندا. اهو هن ڪري آهي، جو انهن اسان جي آيتن ڪي ڪوڙو

بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٤٦﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَاءِ

ڪيو ۽ اهي انهن کان غافل رهندا آهن ﴿١٤٦﴾ ۽ جن ماڻهن اسان جي آيتن ۽ آخرت ۾ (ثواب ۽ عذاب جي)

الْاٰخِرَةِ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ؕ هَلْ يُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٧﴾ ع

ملڻ ڪي ڪوڙو ڪيو، تن جا عملَ ڇٽ ٿيا. ڪين رڳو (سندن انهن عملن جي) ئي سزا ڏني ويندي، جيڪي اهي ڪن ٿا ﴿١٤٧﴾

وَاتَّخَذَ قَوْمُ مُوْسٰى مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ حُلِيِّهِمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ

۽ موسيٰ (عليه السلام) جي قوم (سندس جبل طور تي وڃڻ) کان پوءِ انهن (قبطين) جي زيورن مان ڳابي جو بوتو ٺاهي، ان کي

خُوَارٌ ط اَلَمْ يَرَوْا اَنَّهٗ لَا يُكَلِّمُهُمْ وَلَا يَهْدِيْهِمْ سَبِيْلًا م اِتَّخَذُوْهُ

معبود بڻائي ورتو، جنهن ۾ رنڀڻ جو آواز هو. ڇا ڏسي نه رهيا هئا ته اُهو (ڳابو) نه ساڻن ڳالهائي رهيو آهي ۽ نه کين

وَكَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿١٤٨﴾ وَلَمَّا سُقِطَ فِيْٓ اَيْدِيْهِمْ وَرَاَوْا اَنَّهُمْ قَدْ ضَلُّوْا لا

سڌي واٽ وٺائي رهيو آهي؟ اُن کي (معبود) بڻايائون ۽ اهي ظلم ڪرڻ وارا هئا ﴿١٤٨﴾ ۽ جڏهن اهي (ڳابي جي پوڄا

قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ يَرْحَمْنَا رَبُّنَا وَيَغْفِرْ لَنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿١٤٩﴾

تي) پشيمان ٿيا ۽ کين يقين ٿي ويو ته اهي گمراهه ٿي چڪا آهن، تڏهن انهن چيو ته البت جيڪڏهن اسان جو ربّ اسان تي
رحم نه فرمائيندو ۽ اسان جي گناهن جي بخشش نه فرمائيندو ته البت ضرور اسان نقصان پوڻ وارن مان ٿي پونداسون ﴿١٤٩﴾

وَلَمَّا رَجَعَ مُوْسٰٓى اِلٰى قَوْمِهٖ غَضْبَانَ اَسِفًا لا قَالَ بِئْسَمَا

۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم ڏانهن ڪاوڙجي، افسوس ڪندي موٽي آيو، (انهن کي) چيائين ته مون کان پوءِ توهان منهنجي ڏاڍي

خَلَفْتُمُوْنِيْ مِنْۢ بَعْدِيْ ج اَعَجِلْتُمْ اَمْرَ رَبِّكُمْ ج وَاَلْقَى الْاَلْوَاحَ وَاَخَذَ

بڇڙي جانشيني اختيار ڪئي. ڇا توهان پنهنجي ربّ جي حڪم (يعني منهنجي واپسيءَ) کان اڳ جلد بازي ڪئي ۽ (موسيٰ

بِرَاْسِ اَخِيْهِ يَجُرُّهٗٓ اِلَيْهِ ط قَالَ ابْنَ اُمَّ اِنَّ الْقَوْمَ اسْتَضْعَفُوْنِيْ

عليه السلام) تختيون اڇلايون ۽ پنهنجي ڀاءُ (هارون عليه السلام) جي مٿي جي وارن کي پڪڙي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو. (هارون) چيس ته

وَكَادُوْا يَقْتُلُوْنَنِيْ ز صلے فَلَا تُشْمِتْ بِيَ الْاَعْدَآءَ وَلَا تَجْعَلْنِيْ مَعَ

منهنجي ماءُ جا پٽ! بيشڪ منهنجي قوم مون کي ڪمزور ڪري ڇڏيو ۽ ويجهو هو ته مون کي قتل ڪن. پوءِ مون تي دشمنن کي نه

الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٥٠﴾ قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِاَخِيْ وَاَدْخِلْنَا فِيْ رَحْمَتِكَ ز صلے

کلاءِ ۽ مون کي ظالم قوم ۾ شامل نه ڪر ﴿١٥٠﴾ (موسيٰ) چيو ته ربّ منهنجا! مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ کي بخش ۽ اسان کي پنهنجي

وقف لازم

وَاَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿١٥١﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ سَيَنَالُهُمْ

رحمت ۾ داخل ڪر ۽ تون سڀ کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهين ﴿١٥١﴾ بيشڪ جن ماڻهن ڳابي کي (معبود) بڻايو، سگهوئي مٿن سندن

غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ ذِلَّةٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ وَ كَذٰلِكَ نَجْزِي

رب جي طرفان قهر (يعني آخرت جو عذاب) نازل ٿيندو ۽ دنيا جي زندگيءَ ۾ ذلت ڏسندا ۽ بهتان بازي ڪندڙن کي اهڙوئي

الْمُفْتَرِيْنَ ﴿١٥٢﴾ وَالَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ ثُمَّ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِهَا وَاٰمَنُوْٓا ۫ اِنَّ

بدلو ڏيندا آهيون ﴿١٥٢﴾ ۽ جن ماڻهن بڇڙا ڪم ڪيا، پوءِ توبه ڪيائون ۽ ايمان آندائون ته البت ان کان

رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٥٣﴾ وَلَمَّا سَكَتَ عَنْ مُّوْسَى الْغَضَبُ

پوءِ تنهنجو رب مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿١٥٣﴾ ۽ جڏهن موسيٰ (عليه السلام) جي ڪاوڙ لٿي، (ته توريت

اَخَذَ الْاَلْوَاحَ ۖ وَفِيْ نُسْخَتِهَا هُدًى وَّ رَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ هُمْ لِرَبِّهِمْ

جون) تختيون ڪنيائين ۽ ان جي نسخي ۾ انهن ماڻهن لاءِ هدايت ۽ رحمت هئي، جيڪي پنهنجي

يَرْهَبُوْنَ ﴿١٥٤﴾ وَاخْتَارَ مُوْسٰى قَوْمَهٗ سَبْعِيْنَ رَجُلًا لِّمِيْقَاتِنَا ۚ فَلَمَّا

رب کان ڊڄن ٿا ﴿١٥٤﴾ ۽ موسيٰ (عليه السلام) پنهنجي قوم مان ستر ڄڻن کي (قوم جي ڪوتاهيءَ تي معافي وٺڻ لاءِ) اسان

اَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ قَالَ رَبِّ لَوْ شِئْتَ اَهْلَكْتَهُمْ مِّنْ قَبْلُ

جي ملاقات لاءِ چونڊيو. پوءِ جڏهن (ديدار باري تعاليٰ جي مطالبي سبب) کين زلزلي پڪڙيو، (موسيٰ عليه السلام) چيو ته رب منهنجا!
جيڪڏهن گهرين ها ته هن کان اڳ ئي کين ۽ مون کي به هلاڪ ڪري ڇڏين ها. ڇا جيڪو ڪم اسان مان ڪن بيوقوفن ڪيو آهي،

وَاِيَّايَ ؕ اَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ السُّفَهَآءُ مِنَّا ۚ اِنْ هِيَ اِلَّا فِتْنَتُكَ ؕ

ان جي ڪري اسان کي هلاڪ ڪري ڇڏيندين؟ اها ته رڳو تنهنجي آزمائش آهي. ان جي ذريعي جنهن کي گهرين ٿو، تنهن

تُضِلُّ بِهَا مَنْ تَشَآءُ وَتَهْدِيْ مَنْ تَشَآءُ ؕ اَنْتَ وَلِيُّنَا فَاغْفِرْ لَنَا

کي گمراهه ڪرين ٿو ۽ جنهن کي گهرين ٿو هدايت عطا ڪرين ٿو. تون ئي اسان جو سنڀاليندڙ آهين، پوءِ اسان جا گناهه بخش ۽

وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الْغٰفِرِيْنَ ﴿١٥٥﴾ وَاكْتُبْ لَنَا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا

اسان تي رحم فرماءِ ۽ تون ئي بهترين مغفرت ڪندڙ آهين ﴿١٥٥﴾ ۽ اسان لاءِ هن دنيا ۾ (وفات وقت قبول پيل) ڀلائي لک

حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ اِنَّا هُدْنَآ اِلَيْكَ ؕ قَالَ عَذَابِيْٓ اُصِيْبُ بِهٖ

۽ آخرت ۾ (بہ بخشش ۽ رحمت لک.) بيشڪ اسان تنهنجي بارگاه ۾ رجوع ڪيو. (الله تعاليٰ) فرمايو تہ جنهن لاءِ آءٌ گهرندس،

مَنْ اَشَآءُ ۚ وَرَحْمَتِيْ وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ ؕ فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِيْنَ

تنهن کي منهنجو عذاب پهچندو ۽ منهنجي رحمت (دنيا جي) هر شيءِ تي ڪشادي آهي. پوءِ (آخرت ۾)

يَتَّقُوْنَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٦﴾ ۚ

سگهوئي ان کي انهن ماڻهن لاءِ لکندس، جيڪي پرهيزگاري ڪن ٿا ۽ جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان آڻين ٿا ﴿١٥٦﴾

اَلَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الرَّسُوْلَ النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ الَّذِيْ يَجِدُوْنَهٗ

(يعني اهي مؤمن) جيڪي رسول الله، نبي اُمي (ﷺ جن) جي پيروي ڪن ٿا، جنهن جون وصفون پاڻ وٽ توريت ۽

مَكْتُوْبًا عِنْدَهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ وَالْاِنْجِيْلِ ۫ يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ

انجيل ۾ لکيل لهن ٿا، ڪين نيڪي (توحيد ۽ اسلامي حڪمن احڪامن) جو امر فرمائي ٿو ۽ ڪين برائي (شرڪ ۽ غير شرعي

وَيَنْهٰىهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ

ڪمن) کان روڪي ٿو ۽ سندن لاءِ پاڪ شين کي حلال ڪري ٿو، (جيڪي توريت ۾ متن حرام هيون) ۽ متن ناپاڪ شين کي

وَيَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ وَالْاَغْلٰلَ الَّتِيْ كَانَتْ عَلَيْهِمْ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

حرام ڪري ٿو ۽ انهن تان ڳرا بار ۽ سختيون لاهي ٿو، جيڪي (اڳ ۾) متن هيون. پوءِ جن ماڻهن متس ايمان آندو ۽ سندس

بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰٓئِكَ

عزت ڪيائون ۽ سندس مدد ڪيائون ۽ انهيءَ نور (يعني ڪلام الله) جي پيروي ڪيائون، جيڪو متس نازل ڪيو ويو آهي تہ

هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٥٧﴾ قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعَا

اُهي ئي ڪاميابي ماڻهو وارا آهن ﴿١٥٧﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ ته اي انسانو! بيشڪ آءٌ توهان سڀني ڏانهن الله جو رسول ٿيو

الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ

آيو آهيان. اُهو (الله) جنهن لاءِ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي. ان ڪان سواءِ ڪو معبود نه آهي. جياري ٿو ۽ ماري ٿو.

فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الَّذِيْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَكَلِمٰتِهٖ

پوءِ الله ۽ سندس رسول، نبي اُمي (ﷺ) تي ايمان آڻيو، جيڪو الله ۽ سندس ڪلمات (يعني قرآن) تي ايمان رکي ٿو ۽

وَاتَّبِعُوْهُ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥٨﴾ وَمِنْ قَوْمِ مُوْسٰۤى اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ

سندس پيروي ڪريو، مَنَ توهين هدايت لهو ﴿١٥٨﴾ ۽ موسيٰ (عليه السلام) جي قوم مان هڪڙي ٽولي (ماڻهن ڪي) حقّ جو

بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿١٥٩﴾ وَقَطَّعْنٰهُمُ اثْنَتَيْ عَشْرَةَ اَسْبَاطًا اُمَمًا ؕ

رستو ڏيکاري ٿي ۽ اهي ان تي انصاف سان هلن ٿا ﴿١٥٩﴾ ۽ اسان انهن (بني اسرائيل) کي ٻارنهن قبيلن ۾ ورهايو ۽

وَاَوْحَيْنَاۤ اِلٰى مُوْسٰۤى اِذِ اسْتَسْقٰىهُ قَوْمُهٗۤ اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ

جڏهن موسيٰ (عليه السلام) کان (تيه ماٿريءَ ۾) سندس قوم پاڻي طلب ڪيو ته انهيءَ ڏانهن وحي موڪليوسون ته پنهنجي

الْحَجَرَ ۚ فَانْۢبَجَسَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ؕ قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ

لٺ پٿر تي هڻ. پوءِ انهيءَ مان ٻارنهن چشما ڦٽي نڪتا. بيشڪ هر هڪ قبيلي پنهنجي پنهنجي پاڻيءَ

مَّشْرَبَهُمْ ؕ وَظَلَّلْنَا عَلَيْهِمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا عَلَيْهِمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ؕ

وٺڻ جي جاءِ ڄاڻي ورتي ۽ اسان مٿن ڪڪرن جي ڇانو ڪئي ۽ مٿن مَن ۽ سلويٰ لاٿوسون (چيوسون ته) پاڪ شين

كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ وَمَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ

مان جيڪا روزي اسان توهان کي ڏني آهي، ان مان کائو ۽ انهن اسان تي ظلم نه ڪيو، پر پاڻ پنهنجن نفسن تي

يَظْلِمُوْنَ ﴿١٦٠﴾ وَ اِذْ قِيْلَ لَهُمُ اسْكُنُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ وَ كُلُوْا مِنْهَا

ظلم ڪندا هئا ﴿١٦٠﴾ ۽ جڏهن کين چيو ويو ته هن ڳوٺ ۾ وڃي رهو ۽ منجهس توهان کي جتان وڻي، اتان کائو

حَيْثُ شِئْتُمْ وَ قُوْلُوْا حِطَّةٌ وَّ ادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا نَّغْفِرْ

۽ چئو ته "اسان جا گناه معاف فرماءِ" ۽ دروازي کان سجدو ڪندي داخل ٿيو، توهان جا گناهه بخشيندا سون.

لَكُمْ خَطِيْٓـٰٔتِكُمْ ؕ سَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٦١﴾ فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ

سگهوئي احسان ڪندڙن کي (ثواب ۾) وڌائيندا سون ﴿١٦١﴾ پوءِ انهن (اسرائيلين) مان جن ظلم ڪيو، تن

قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا

(اسان جي) فرمان کي بدلائي ٻي ڳالهه چئي، پوءِ مٿن آسمان تان عذاب موڪليوسون ، هن سبب جي ڪري

كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ ﴿١٦٢﴾ ع وَسْـَٔلْهُمْ عَنِ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ كَانَتْ حَاضِرَةَ ع ٥/٢٠

جو اهي ظلم ڪندا هئا ﴿١٦٢﴾ ۽ انهن کان درياءَ جي ڪناري تي رهندڙ ڳوٺ جو (حال) پڇ. جڏهن اهي ڇنڇر جي ڏينهن

الْبَحْرِ ۘ اِذْ يَعْدُوْنَ فِى السَّبْتِ اِذْ تَاْتِيْهِمْ حِيْتَانُهُمْ يَوْمَ سَبْتِهِمْ وقف لازم

(جي حڪم جي پيچڪڙي ڪري) حدّ کان لنگهندا هئا. (يعني) جڏهن ڇنڇر جي ڏينهن مڇي سندن سامهون پاڻيءَ

شُرَّعًا وَّ يَوْمَ لَا يَسْبِتُوْنَ ۙ لَا تَاْتِيْهِمْ ۛ كَذٰلِكَ ۛ نَبْلُوْهُمْ بِمَا كَانُوْا معانقة ٦ عند المتأخرين

جي مٿاڇري تي ايندي هئي ۽ ڇنڇر جو ڏينهن نه هوندو هو ته مڇي وٽن نه ايندي هئي. اهڙيءَ طرح سندن نافرمانين سبب

يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٣﴾ وَ اِذْ قَالَتْ اُمَّةٌ مِّنْهُمْ لِمَ تَعِظُوْنَ قَوْمًا ۙ اللّٰهُ النّصف

کين آزمايوسون ﴿١٦٣﴾ ۽ جڏهن انهن مان هڪڙي ٽوليءَ (نصيحت ڪندڙن کي) چيو ته ان قوم کي نصيحت ڇو ٿا ڪريو، جن

مُهْلِكُهُمْ اَوْ مُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ؕ قَالُوْا مَعْذِرَةً اِلٰى رَبِّكُمْ

کي الله هلاڪ ڪندڙ آهي، يا کين سخت عذاب ڏيندڙ آهي؟ چيائون ته (اسان جي نصيحت) توهان جي ربّ وٽ هڪ عذر

وَلَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿١٦٤﴾ فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖٓ اَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ

آهي ۽ مَنَ اهي (گناهن کان) بچن ﴿١٦٤﴾ پوءِ جڏهن ڪيل نصيحت کي وساري ڇڏيائون ته انهن مان برائيءَ کان روڪيندڙن

يَنْهَوْنَ عَنِ السُّوْٓءِ وَاَخَذْنَا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا بِعَذَابٍۭ بَىِٕيْسٍۭ بِمَا كَانُوْا

کي بچايوسون ۽ جن پاڻ تي ظلم ڪيو، تن کي سندن نافرمانيءَ سبب بڇڙي عذاب سان پڪڙيوسون (۽ اسان سندن شڪليون

يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٥﴾ فَلَمَّا عَتَوْا عَنْ مَّا نُهُوْا عَنْهُ قُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً

مَٽائي ڇڏيون.) ﴿١٦٥﴾ پوءِ ڪين جنهن ڪم کان روڪيو ويو، جڏهن ان ۾ حد کان لنگهي ويا ته ڪين چيوسون ته ٿيو

خٰسِـِٕيْنَ ﴿١٦٦﴾ وَاِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكَ لَيَبْعَثَنَّ عَلَيْهِمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ

پٺوڏليل پولڙا ﴿١٦٦﴾ ۽ جڏهن تنهنجي ربّ اعلان ڪيو ته ضرور قيامت جي ڏينهن تائين مٿن (حضرت محمد ﷺ ۽ سندن امت

مَنْ يَّسُوْمُهُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ ؕ اِنَّ رَبَّكَ لَسَرِيْعُ الْعِقَابِ ۖۚ

کي) بچيندو، جيڪي ڪين بڇڙي عذاب (يعني جنگ يا جزيه جو مزو) چکائيندا رهندا . بيشڪ تنهنجو ربّ جلد حساب وٺندڙ

وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٦٧﴾ وَقَطَّعْنٰهُمْ فِى الْاَرْضِ اُمَمًا ۚ مِنْهُمُ

آهي ۽ بيشڪ اهو ٺي مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿١٦٧﴾ ۽ ڪين (مختلف) ملڪن ۾ ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيوسون (۽ منجهن

الصّٰلِحُوْنَ وَمِنْهُمْ دُوْنَ ذٰلِكَ ۫ وَبَلَوْنٰهُمْ بِالْحَسَنٰتِ وَالسَّيِّاٰتِ

بي اتفاقي وجهي ڇڏي سون) انهن ۾ نيڪ ماڻهو به آهن ۽ انهن ۾ بيا اهڙا نه آهن ۽ ڪين چڱاين (يعني خوشحاليءَ ۽

لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿١٦٨﴾ فَخَلَفَ مِنْ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ وَّرِثُوا

امن) سان ۽ (ڪڏهن وري) براين (يعني تنگيءَ ۽ ڏڪار) سان آزمايوسون، مَنَ اهي (الله جي فرمانڊانهن) موٽن ﴿١٦٨﴾ پوءِ انهن کان
بعد ڪي اهڙا نااهل (۽ بڇڙا) ماڻهو آيا، جيڪي ڪتاب (يعني توريت) جا وارث ٿيا (جنهن جي ذريعي) دنيا جو معمولي ملهه

الْكِتٰبَ يَاْخُذُوْنَ عَرَضَ هٰذَا الْاَدْنٰى وَيَقُوْلُوْنَ سَيُغْفَرُ لَنَا ۚ

۽ سامان وٺن ٿا (چاهي حلال هجي، چاهي حرام هجي.) ۽ چون ٿا ته سگهوئي اسان کي بخشيو ويندو ۽ جيڪڏهن

وَاِنْ يَّاْتِهِمْ عَرَضٌ مِّثْلُهٗ يَاْخُذُوْهُ ؕ اَلَمْ يُؤْخَذْ عَلَيْهِمْ

كين اهڙو ٻيو مال (رشوت ۾) ملندو آهي ته (بيحد حريص هئڻ سبب) اهو به وٺندا آهن. ڇا انهن كان كتاب

مِّيْثَاقُ الْكِتٰبِ اَنْ لَّا يَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ وَدَرَسُوْا مَا

(يعني توريت) ۾ وعدو نه ورتو ويو هو ته الله تي حقّ كان سواءِ كجهه نه چوندا ۽ جيكي كجهه توريت ۾ آهي، سو

فِيْهِ ؕ وَالدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٦٩﴾

پڙهن ٿا ۽ آخرت جو گهر انهن ماڻهن لاءِ چڱو آهي، جيكي پرهيزگاري كن ٿا. ڇا پوءِ توهان عقل كان كم نٿا وٺو؟ ﴿١٦٩﴾

وَالَّذِيْنَ يُمَسِّكُوْنَ بِالْكِتٰبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ؕ اِنَّا لَا نُضِيْعُ

۽ (كتاب وارن مان) جيكي (مؤمن) كتاب كي مضبوطيءَ سان وٺن ٿا (۽ ان مطابق حكم كن ٿا) ۽ نماز قائم كن ٿا

اَجْرَ الْمُصْلِحِيْنَ ﴿١٧٠﴾ وَاِذْ نَتَقْنَا الْجَبَلَ فَوْقَهُمْ كَاَنَّهٗ ظُلَّةٌ وَّ

(جيكا حضرت محمد ﷺ جن جي ذريعي فرض ٿي.) بيشك اسين اهڙن نيكن (۽ اصلاح كندڙن) جو اجر ضايع نه كندا آهيون ﴿١٧٠﴾ ۽

(ياد كر) جڏهن سندن مٿان جبل كي كڙو كيوسون ڇڻ ته اهو ڇٽي آهي ۽ ڀانيائون ته (بس اجهو) مٿن كِرڻ وارو آهي. (چيوسون ته)

ظَنُّوْۤا اَنَّهٗ وَاقِعٌۢ بِهِمْ ۚ خُذُوْا مَاۤ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاذْكُرُوْا مَا فِيْهِ

جيكي كجهه اسان توهان كي ڏنو آهي، تنهن كي مضبوطيءَ سان وٺو ۽ جيكي كجهه منجهس آهي، تنهن كي ياد كريو ۽

لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٧١﴾ وَاِذْ اَخَذَ رَبُّكَ مِنْ بَنِيْۤ اٰدَمَ مِنْ ظُهُوْرِهِمْ ع ٢١ / ٩

نصيحت وٺو، مَنَ توهين پرهيزگار ٿيو ﴿١٧١﴾ ۽ جڏهن تنهنجي ربّ آدم جي اولاد (يعني) سندن پٺين مان سندن اولاد كي كڍيو ۽

ذُرِّيَّتَهُمْ وَاَشْهَدَهُمْ عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ ۚ اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ؕ قَالُوْا بَلٰى ۛۚ معانقة ٧ عند المتأخرين

كين پاڻ تي شاهد كيائين (۽ فرمايائين ته) ڇا آءٌ توهان جو ربّ نه آهيان؟ چيائون ته هائو! (بيشك تون ربّ آهين ۽ ملائكن به چيو

شَهِدْنَا ۛۚ اَنْ تَقُوْلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اِنَّا كُنَّا عَنْ هٰذَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٧٢﴾ لا

ته اسان به اها) شاهدي ڏيون ٿا. متان قيامت جي ڏينهن چئو ته بيشك اسين انهيءَ (وعدي) كان غافل هئاسون ﴿١٧٢﴾

اَوْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اَشْرَكَ اٰبَآؤُنَا مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً مِّنْۢ

يا چئو تہ شرڪ تہ اسان کان اڳ ۾، اسان جي ابن ڏاڏن ڪيو هو ۽ اسين انهن کان بعد ۾ سندن اولاد هئاسون (۽ سندن پيروي

بَعْدِهِمْ ۚ اَفَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿١٧٣﴾ وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ

ڪئي سون.) ڇا پوءِ اسان کي (انهن گناهن جي سبب) هلاڪ ڪندين، جيڪي باطل وارن ڪيا؟ ﴿١٧٣﴾ ۽ اهڙي طرح پنهنجيون

الْاٰيٰتِ وَلَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿١٧٤﴾ وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ الَّذِيْٓ اٰتَيْنٰهُ

آيتون تفصيل سان بيان ڪريون ٿا ۽ مَنَ اهي (شرڪ کان) موٽن ﴿١٧٤﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) ڪين ان شخص جو قصو پڙهي ٻڌاءِ، جنهن

اٰيٰتِنَا فَانْسَلَخَ مِنْهَا فَاَتْبَعَهُ الشَّيْطٰنُ فَكَانَ مِنَ الْغٰوِيْنَ ﴿١٧٥﴾

کي اسان پنهنجيون نشانيون ڏنيون، پوءِ انهن کان ٻاهر نڪري ويو. پوءِ شيطان سندس ڪڍ لڳو، پوءِ اهو گمراهن مان ٿيو ﴿١٧٥﴾

وَلَوْ شِئْنَا لَرَفَعْنٰهُ بِهَا وَلٰكِنَّهٗٓ اَخْلَدَ اِلَى الْاَرْضِ وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ ۚ

۽ جيڪڏهن گهرون ها تہ انهن تي (عملَ جي توفيق ذريعي) سندس درجا بلند ڪريون ها ۽ پر دنياداريءَ (۽ رشوت) ۾

فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ الْكَلْبِ ۚ اِنْ تَحْمِلْ عَلَيْهِ يَلْهَثْ اَوْ تَتْرُكْهُ

ڪاهي پيو ۽ پنهنجين خواهشن جي پيروي ڪيائين. (پوءِ نصيحت ڪرڻ يا نہ ڪرڻ بابت) سندس مثال (زبان ڪڍي

يَلْهَثْ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاقْصُصِ

سهڪندڙ) ڪتي جي مثال وانگر آهي، جيڪڏهن مٿس بار رکندين تہ زبان ڪڍي سهڪندو، يا ان کي ڇڏي ڏيندين تہ بہ

الْقَصَصَ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿١٧٦﴾ سَآءَ مَثَلَاۨ الْقَوْمُ الَّذِيْنَ

زبان ڪڍي سهڪندو. اهو انهيءَ قوم جو مثال آهي، جنهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو. پوءِ (انهن ماڻهن کي ڪوڙو ڪندڙن
جا) قصا بيان ڪري ٻڌاءِ تہ مَنَ اهي (الله تعاليٰ ۽ رسول پاڪ ﷺ کي ڪوڙو پائيندڙ ماڻهو) سوچ کان ڪم وٺن ﴿١٧٦﴾ ڏاڍو بڇڙو مثال

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاَنْفُسَهُمْ كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ ﴿١٧٧﴾ مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ

آهي، ان قوم جو، جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو ۽ اهي پاڻ تي ظلم ڪن ٿا ﴿١٧٧﴾ جنهن کي الله هدايت عطا

فَهُوَ الْمُهْتَدِيْ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۱۷۸﴾ وَ

كري، اهو ئي هدايت وارو آهي ۽ جنهن كي الله گمراهه كري ته پوءِ اهي ئي ماڻهو نقصان وارا آهن ﴿۱۷۸﴾ ۽

لَقَدْ ذَرَاْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِيْرًا مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ۖ لَهُمْ

بيشڪ اسان گھڻن جنن ۽ انسانن كي دوزخ لاءِ پيدا ڪيو آهي. (چاڪاڻ ته) سندن دليون آهن، جن

قُلُوْبٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ بِهَا ۫ وَلَهُمْ اَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُوْنَ بِهَا ۫

سان (هدايت تي هلڻ جي خبر ڪي) نٿا سمجهن. سندن اکيون آهن، جن سان نٿا ڏسن. سندن ڪَنَ آهن،

وَلَهُمْ اٰذَانٌ لَّا يَسْمَعُوْنَ بِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ

جن سان (قرآن جي نصيحتن ڪي) نٿا ٻڌن. اهي ماڻهو جانورن وانگر آهن، بلڪ اهي انهن کان به وڌيڪ گمراهه

اَضَلُّ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿۱۷۹﴾ وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى

آهن. اهي ئي ماڻهو غافل آهن ﴿۱۷۹﴾ ۽ الله جا سهڻا نالا آهن، پوءِ ڪيس انهن سان سڏيو ۽ انهن ماڻهن

فَادْعُوْهُ بِهَا ۪ وَذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اَسْمَآئِهٖ ؕ

کي ڇڏي ڏيو، جيڪي سندس نالن جي باري ۾ ڏنگائي اختيار ڪن ٿا. جيڪي عملَ اهي ڪن ٿا،

سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸۰﴾ وَمِمَّنْ خَلَقْنَآ اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ

سگھوئي ڪين انهن جو بدلو ڏنو ويندو ﴿۱۸۰﴾ ۽ اسان جي مخلوق مان هڪڙي امت (يعني امت محمديه ﷺ) اهڙي

بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿۱۸۱﴾ ع وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا سَنَسْتَدْرِجُهُمْ ع ۲۲ ۱۰ ۱۲

آهي، جو اهي پاڻ به حقّ تي هلي رهيا آهن ۽ (ماڻهن ڪي به) حقّ جي واٽ ٻڌائي رهيا آهن ۽ حقّ سان حڪم ڪري رهيا آهن ﴿۱۸۱﴾ ۽ جن
ماڻهن اسان جي آيتن ڪي ڪوڙو ڪيو، سگھوئي انهن ڪي اتان پڪڙينداسون، جتان اهي نٿا ڄاڻن (يعني نافرماني ڪرڻ ۽ نعمتن

مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۲﴾ ۚۖ وَاُمْلِيْ لَهُمْ ؕ اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ ﴿۱۸۳﴾

مان فائدو وٺڻ لاءِ ڪين مهلت ڏينداسون.) ﴿۱۸۲﴾ ۽ ڪين مهلت ڏيان ٿو، بيشڪ منهنجي تدبير ڏاڍي مضبوط آهي ﴿۱۸۳﴾

اَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوْا سكتة مَا بِصَاحِبِهِمْ مِّنْ جِنَّةٍ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ

ڇا اهي سوچ ڪان ڪم نٿا وٺن تہ سندن ساٿيءَ (يعني حضرت محمد ﷺ جن) ڪي ڪا چريائپ نہ آهي. پاڻ تہ هڪ

مُّبِيْنٌ ﴿١٨٤﴾ اَوَلَمْ يَنْظُرُوْا فِيْ مَلَكُوْتِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا خَلَقَ

پڌرو ڊيڄاريندڙ آهي ﴿١٨٤﴾ ڇا آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ۽ جيڪي شيون الله تعاليٰ خلقيون آهن، تن ڪي نٿا

اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۙ وَّاَنْ عَسٰۤى اَنْ يَّكُوْنَ قَدِ اقْتَرَبَ اَجَلُهُمْ ۚ فَبِاَيِّ

ڏسن ۽ هيءَ تہ ممڪن آهي تہ سندن اجل (يعني هلاڪت جو وقت) ويجهو اچي چڪو هجي. پوءِ انهيءَ (قرآن)

حَدِيْثٍۭ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٨٥﴾ مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَا هَادِيَ لَهٗ ؕ وَ

ڪان بعد ڪهڙي ڳالهہ تي ايمان آڻيندا؟ ﴿١٨٥﴾ جنهن ڪي الله گمراه ڪري، تنهن ڪي ڪو هدايت ڏيندڙ نہ آهي ۽ الله

يَذَرُهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿١٨٦﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ

ڪين سندن گمراهيءَ ۾ ڇڏي ٿو ڏئي تہ ڀلي ڀٽڪندا وتن ﴿١٨٦﴾ تو ڪان قيامت جي باري ۾ پڇن ٿا تہ ڪڏهن قائم ٿيندي؟

مُرْسٰىهَا ؕ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ ۚ لَا يُجَلِّيْهَا لِوَقْتِهَاۤ اِلَّا هُوَ ؔؕ

وقف لازم
وقف منزل

فرماءِ تہ ان جو علم منهنجي ربّ وٽ آهي، ان جي وقت ڪي ان ڪان سواءِ ڪو ظاهر نہ ڪندو. (ان جو علم) آسمانن

ثَقُلَتْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ لَا تَاْتِيْكُمْ اِلَّا بَغْتَةً ؕ يَسْـَٔلُوْنَكَ

وارن ۽ زمين وارن لاءِ ڳرو (يعني ناممڪن) ٿي چڪو آهي. اها توهان تي اوچتو ايندي. توکان (قيامت جي باري

كَاَنَّكَ حَفِيٌّ عَنْهَا ؕ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ

۾) پڇن ٿا، ڄڻ تہ توکي ان جي ڄاڻ آهي. (اي مُحَمَّدُ ﷺ!) فرماءِ تہ ان جو علم الله وٽ آهي ۽ پر گهڻا ماڻهو نٿا

النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٧﴾ قُلْ لَّاۤ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا اِلَّا مَا

ڄاڻن (تہ ان جو علم الله وٽ آهي.) ﴿١٨٧﴾ (اي مُحَمَّدُ ﷺ!) فرماءِ تہ آءٌ پنهنجي لاءِ بہ نفعي ۽ نقصان جو مالڪ نہ آهيان،

شَآءَ اللّٰهُ ؕ وَلَوْ كُنْتُ اَعْلَمُ الْغَيْبَ لَاسْتَكْثَرْتُ مِنَ الْخَيْرِ ۛۚ وَمَا

مگر جو ڪجھ الله گھري ۽ جيڪڏهن ڳجھ ڄاڻان ها تہ البت ضرور گھڻو خير گڏ ڪريان ها ۽ مون کي ڪا تڪليف نہ

مَسَّنِيَ السُّوْٓءُ ۛۚ اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ وَّ بَشِيْرٌ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۱۸۸﴾ ع هُوَ الَّذِيْ

پهچي ها. آءٌ تہ (ڪوڙو ڪندڙن کي) ڊيڄاريندڙ ۽ ايمانداران کي بشارت ڏيندڙ آهيان ﴿۱۸۸﴾ اهو (الله ئي) آهي، جنهن

خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّجَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا لِيَسْكُنَ اِلَيْهَا ۚ

توهان کي هڪ جان (يعني آدم عليه السلام) مان پيدا ڪيو ۽ سندس (کاٻي پاسيريءَ) مان سندس زال (حوا) کي پيدا

فَلَمَّا تَغَشّٰىهَا حَمَلَتْ حَمْلًا خَفِيْفًا فَمَرَّتْ بِهٖ ۚ فَلَمَّآ اَثْقَلَتْ دَّعَوَا

ڪيائين، جيئن وٽس سڪون وٺي. پوءِ جڏهن اهو (مرد) انهيءَ (زال) سان قربت ڪندو آهي تہ اها هلڪي بار سان ڳورهاري

اللّٰهَ رَبَّهُمَا لَئِنْ اٰتَيْتَنَا صَالِحًا لَّنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿۱۸۹﴾ فَلَمَّآ

ٿيندي آهي ۽ ان کي ڪٽي گهمندي آهي. پوءِ جڏهن سندس حمل ڳرو ٿيندو آهي تہ ٻئي پنهنجي ربّ، الله کان دعا گهرندا آهن تہ

جيڪڏهن اسان کي صالح اولاد ڏيندين تہ ضرور شڪر ڪندڙ ٿينداسون ﴿۱۸۹﴾ پوءِ جڏهن کين تندرست اولاد ڏيندو آهي تہ الله جي ڏنل

اٰتٰىهُمَا صَالِحًا جَعَلَا لَهٗ شُرَكَآءَ فِيْمَآ اٰتٰىهُمَا ۚ فَتَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا

(ٻچ جو نالو عبد الحارث رکي) ان سان ڀائيوار ٺهرائيندا آهن. پوءِ جيڪو شرڪ اهي ڪن ٿا، تنهن کان الله مٿانهون

يُشْرِكُوْنَ ﴿۱۹۰﴾ اَيُشْرِكُوْنَ مَا لَا يَخْلُقُ شَيْئًا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ ﴿۱۹۱﴾ وَلَا

آهي ﴿۱۹۰﴾ ڇا (مڪي جا مشرڪ ٻتن) کي شريڪ ڪن ٿا، جيڪي ڪا شيءِ پيدا نٿا ڪن ۽ اهي پاڻ خلقيا وڃن ٿا ﴿۱۹۱﴾ ۽

يَسْتَطِيْعُوْنَ لَهُمْ نَصْرًا وَّلَآ اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ ﴿۱۹۲﴾ وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ

اهي (ٻت) نہ سندن مدد جي سگھہ رکن ٿا ۽ نڪي پنهنجي مدد ڪري سگھن ٿا ﴿۱۹۲﴾ ۽ جيڪڏهن توهان (مشرڪن)

اِلَى الْهُدٰى لَا يَتَّبِعُوْكُمْ ؕ سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ اَدَعَوْتُمُوْهُمْ اَمْ اَنْتُمْ

کي هدايت ڏانهن سڏيندا تہ اهي توهان جي پيروي نہ ڪندا. توهان جي لاءِ برابر آهي تہ کين سڏيو يا انهن کان

صَامِتُوْنَ ﴿١٩٣﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ عِبَادٌ

خاموش رهو ﴿١٩٣﴾ بيشڪ جن (باطل معبودن) ڪي الله ڪان سواءِ سڏيو ٿا، اهي توهان وانگر (خلقيل)

اَمْثَالُكُمْ فَادْعُوْهُمْ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٩٤﴾

ٻانها آهن، پوءِ ڪين سڏيو ته توهان ڪي توهان جي سڏ جو جواب ڏين جيڪڏهن توهان سچا آهيو ﴿١٩٤﴾

اَلَهُمْ اَرْجُلٌ يَّمْشُوْنَ بِهَآ ز اَمْ لَهُمْ اَيْدٍ يَّبْطِشُوْنَ بِهَآ ز اَمْ لَهُمْ

ڇا انهن (بتن) جا پير آهن، جن سان (ماڻهن وانگر) هلن ٿا، يا سندن هٿ آهن، جن سان پڪڙين ٿا، يا سندن اکيون

اَعْيُنٌ يُّبْصِرُوْنَ بِهَآ ز اَمْ لَهُمْ اٰذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا ط قُلِ ادْعُوْا

آهن، جن سان ڏسن ٿا، يا سندن ڪَنَ آهن، جن سان ٻڌن ٿا؟ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته پنهنجن شريڪن کي سڏيو، پوءِ

شُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ كِيْدُوْنِ فَلَا تُنْظِرُوْنِ ﴿١٩٥﴾ اِنَّ وَلِيِّۦَ اللّٰهُ

منهنجي خلاف ڳجهي تدبير ڪريو،(توهان ۽ توهان جا ٻائيوار ٻ) ۽ مون کي مهلت نه ڏيو ﴿١٩٥﴾ بيشڪ منهنجو

الَّذِيْ نَزَّلَ الْكِتٰبَ ۚ صلے وَهُوَ يَتَوَلَّى الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٩٦﴾ وَالَّذِيْنَ

مددگار الله آهي، جنهن ڪتاب (يعني قرآن) کي لاٿو ۽ اهو نيڪن کي دوست رکي ٿو ﴿١٩٦﴾ ۽ الله کي

تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَكُمْ وَلَآ اَنْفُسَهُمْ

ڇڏي، جن (معبودن) کي توهان سڏيو ٿا، اهي توهان جي مدد جي سگهه نٿا رکن ۽ نڪي پنهنجي مدد

يَنْصُرُوْنَ ﴿١٩٧﴾ وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا يَسْمَعُوْا ط وَتَرٰىهُمْ

ڪري سگهن ٿا ﴿١٩٧﴾ ۽ جيڪڏهن ڪين هدايت ڏانهن سڏيندا ته نه ٻڌندا ۽ تون انهن (ڪافرن) کي ڏسين

يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿١٩٨﴾ خُذِ الْعَفْوَ وَاْمُرْ بِالْعُرْفِ

ٿو ته (چِٽ) تو ڏانهن نهارين ٿا، ۽ اهي نٿا ڏسن ﴿١٩٨﴾ معافي (۽ مخلوق تي آساني ڪرڻ جي واٽ) وٺ ۽

وَاَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿١٩٩﴾ وَاِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ

نيڪيءَ جو حڪم ڪر ۽ جاهلن کان منهن موڙ ﴿١٩٩﴾ ۽ جيڪڏهن شيطان تو کي وسوسو وجهي ته الله جي

فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٠٠﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا اِذَا مَسَّهُمْ

پناهه وٺ، بيشڪ اهو ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿٢٠٠﴾ بيشڪ جيڪي پرهيزگار (شرڪ کان) بچن ٿا، جڏهن کين شيطان

طٰٓئِفٌ مِّنَ الشَّيْطٰنِ تَذَكَّرُوْا فَاِذَا هُمْ مُّبْصِرُوْنَ ﴿٢٠١﴾ ج وَ اِخْوَانُهُمْ

وسوسو وجهندو آهي ته الله کي ياد ڪندا آهن، پوءِ اهي ان وقت بصيرت وارا ٿي پوندا آهن ﴿٢٠١﴾ ۽ انهن (ڪافرن) جا يائر

يَمُدُّوْنَهُمْ فِي الْغَيِّ ثُمَّ لَا يُقْصِرُوْنَ ﴿٢٠٢﴾ وَ اِذَا لَمْ تَاْتِهِمْ

(يعني شيطان) کين گمراهيءَ ڏانهن گهلين ٿا، پوءِ (کين ياد خدا کان غافل رکڻ ۾) ڪوتاهي نٿا ڪن ﴿٢٠٢﴾ ۽ جڏهن (مڪي

بِاٰيَةٍ قَالُوْا لَوْلَا اجْتَبَيْتَهَا ؕ قُلْ اِنَّمَآ اَتَّبِعُ مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ مِنْ

وارن وٽ الله تعاليٰ جي طرفان) ڪا نشاني نٿو آڻين ته چون ٿا ته پاڻ اها (نشاني) چو نٿو ڳاهين؟ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته آءٌ ته دراصل

ان وحيءَ جي تابعداري ڪريان ٿو، جيڪو مون ڏانهن منهنجي ربّ جي طرفان موڪليو وڃي ٿو. هيءُ (قرآن دراصل)

رَّبِّيْ ؕ ج هٰذَا بَصَآئِرُ مِنْ رَّبِّكُمْ وَ هُدًى وَّ رَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ

توهان جي ربّ جي طرفان روشن نصيحتون ۽ هڪ هدايت ۽ رحمت آهي، انهيءَ ماڻهن جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين

يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٢٠٣﴾ وَاِذَا قُرِئَ الْقُرْاٰنُ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ وَ اَنْصِتُوْا لَعَلَّكُمْ

ٿا ﴿٢٠٣﴾ ۽ جڏهن قرآن پڙهيو وڃي ته ان کي (توجّه سان) ٻڌو ۽ خاموش رهو، مَنَ توهان تي رحم ڪيو

تُرْحَمُوْنَ ﴿٢٠٤﴾ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّ خِيْفَةً وَّ دُوْنَ الْجَهْرِ

وڃي ﴿٢٠٤﴾ ۽ پنهنجي ربّ کي دل ۾ عاجزيءَ سان ياد ڪر، (يعني سِري نمازن ۾ قرآن هوريان پڙهه) ۽ صبح ۽ رات جي

مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَ الْاٰصَالِ وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿٢٠٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ

جَهري نمازن ۾ (قرآن) ڪجهه ڏاڍيان پڙهه ۽ غافلن مان نه ٿيءُ ﴿٢٠٥﴾ بيشڪ جيڪي (فرشتا) تنهنجي ربّ

السجدة
عِنْدَ رَبِّكَ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَيُسَبِّحُوْنَهٗ وَلَهٗ يَسْجُدُوْنَ ۩ ﴿٢٠٦﴾ ع

وٽ آهن، اهي سندس عبادت کان وڏائي نٿا ڪن ۽ سندس ساراهه ڪن ٿا ۽ کيس سجدو ڪن ٿا ﴿٢٠٦﴾

اٰيَاتُهَا ٧٥ (٨) سُوْرَةُ الْاَنْفَالِ مَدَنِيَّةٌ (٨٨) رُكُوْعَاتُهَا ١٠

سورة الانفال مدني آهي. هن ۾ پنجهتر آيتون ۽ ڏهه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو بخشيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

يَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ ؕ قُلِ الْاَنْفَالُ لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) تو کان غنيمت جي مالن جي باري ۾ پڇن ٿا (ته ڪنهن لاءِ آهن؟) فرماءِ ته غنيمت جا مال الله ۽ پيغمبر (ﷺ)

وَاَصْلِحُوْا ذَاتَ بَيْنِكُمْ ۪ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗۤ اِنْ كُنْتُمْ

لاءِ آهن. پوءِ الله کان ڊڄو ۽ هڪ ٻئي سان صلح ڪريو (يعني پاڻ ۾ مخالفت نه ڪريو) ۽ الله ۽ سندس رسول (ڪريم ﷺ)

مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١﴾ اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ

جن جي فرمانبرداري ڪريو (ته غنيمتن جي ورهاڱي ۾ پوڙهو ۽ جوان برابر آهن.) جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو ﴿١﴾ دراصل مؤمن
ته هي آهن، جو جڏهن الله جو نالو ورتو آهي ته سندن دليون ڏڪي پونديون آهن ۽ جڏهن مٿن سندس آيتون پڙهبيون آهن

قُلُوْبُهُمْ وَاِذَا تُلِيَتْ عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّعَلٰى

ته کين ايمان (يعني تصديق ۽ يقين) ۾ وڌائينديون آهن ۽ (اهي حڪم جي فرمانبرداري ڪندي) پنهنجي

رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٢﴾ ۚ الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ

ربّ تي توڪل ڪندا آهن ﴿٢﴾ جيڪي نماز قائم ڪن ٿا ۽ جيڪا روزي کين اسان ڏني آهي، ان مان (اسان جي رضا

يُنْفِقُوْنَ ﴿٣﴾ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ

۽ فرمان مطابق) خرچ ڪن ٿا ﴿٣﴾ اهي ئي سچا پڪا مؤمن آهن. سندن لاءِ سندن ربّ وٽ درجا ۽ بخشش ۽

وَمَغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٤﴾ كَمَآ اَخْرَجَكَ رَبُّكَ مِنْ بَيْتِكَ

(جنت ۾) عزت واري روزي آهي ﴿٤﴾ جيئن تو کي تنهنجي ربّ پنهنجي گهر (مديني) مان حقّ سان ڪڍي (قريش جي تجارتي

بِالْحَقِّ وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ لَكٰرِهُوْنَ ﴿٥﴾ يُجَادِلُوْنَكَ

قافلي وٽ) آندو ۽ بيشڪ مؤمنن مان هڪڙي ٽولي (تنهنجي مديني مان نڪرڻ کي) ناپسند ڪندڙ آهي ﴿٥﴾ حقّ جي ظاهر ٿيڻ

فِي الْحَقِّ بَعْدَ مَا تَبَيَّنَ كَاَنَّمَا يُسَاقُوْنَ اِلَى الْمَوْتِ وَهُمْ

(۽ حڪم مطابق پختو ارادو ڪرڻ) کان پوءِ بہ تو سان جهڳڙو ڪن ٿا (تہ سواريءَ کان سواءِ جنگ ڪيئن ڪريون؟) ڄڻ تہ اهي

يَنْظُرُوْنَ ﴿٦﴾ وَاِذْ يَعِدُكُمُ اللّٰهُ اِحْدَى الطَّآىِٕفَتَيْنِ اَنَّهَا لَكُمْ

اکين سان ڏسي رهيا آهن تہ (جنگ جي سختيءَ ۾) ڪين موت ڏانهن ڌڪيو وڃي ٿو ﴿٦﴾ ۽ جڏهن الله توهان کي وعدو ڏنو تہ (ڪافرن جي)
ٻنهي ٽولين مان هڪڙي ٽولي (يعني قريش جي تجارتي قافلي يا سندن حفاظت لاءِ آيل لشڪر تي) ضرور توهان کي سوپ

وَتَوَدُّوْنَ اَنَّ غَيْرَ ذَاتِ الشَّوْكَةِ تَكُوْنُ لَكُمْ وَيُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ

ٿيندي ۽ توهان گهري رهيا هئا تہ توهان کي بغير هٿيارن واري ٽولي (يعني تجارتي قافلو) نصيب ٿئي ۽ الله گهريو ٿي تہ

يُّحِقَّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَيَقْطَعَ دَابِرَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧﴾ لِيُحِقَّ الْحَقَّ وَ

پنهنجي فرمان ذريعي دين حقّ کي غالب ڪري ۽ (قريش جي) ڪافرن جي پاڙ پٽي ڇڏي ﴿٧﴾ جيئن حقّ کي مضبوط ڪري ۽

يُبْطِلَ الْبَاطِلَ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٨﴾ اِذْ تَسْتَغِيْثُوْنَ رَبَّكُمْ

باطل کي ڪمزور ۽ بي اثر ڪري، جيتوڻيڪ ڏوهارين کي اها ڳالهہ ناپسند آهي ﴿٨﴾ جڏهن توهان (بدر ۾) پنهنجي ربّ کان فرياد

فَاسْتَجَابَ لَكُمْ اَنِّيْ مُمِدُّكُمْ بِاَلْفٍ مِّنَ الْمَلٰٓىِٕكَةِ مُرْدِفِيْنَ ﴿٩﴾

ڪري رهيا هئا، پوءِ توهان جي دعا قبول ڪيائين تہ آءٌ لڳاتار لاٿل هڪ هزار فرشتن سان توهان جي مدد ڪندڙ آهيان ﴿٩﴾

وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى وَلِتَطْمَىِٕنَّ بِهٖ قُلُوْبُكُمْ وَمَا النَّصْرُ

۽ ان (فرشتن جي مدد) کي الله توهان لاءِ رڳو هڪ خوشخبري بڻايو آهي، جيئن توهان جي دلين کي ان سان اطمينان

اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ۠ ﴿١٠﴾ اِذْ يُغَشِّيْكُمُ ع ١٠ ١٥

ٿئي ۽ مدد نہ رڳو الله جي طرفان آهي. بيشڪ الله غالب، حڪمت وارو آهي ﴿١٠﴾ (ياد ڪريو) جڏهن (الله تعاليٰ بدر ۾)

النُّعَاسَ اَمَنَةً مِّنْهُ وَيُنَزِّلُ عَلَيْكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً لِّيُطَهِّرَكُمْ

تسلي ڏيڻ لاءِ) پنهنجي طرفان توهان تي سڪون بخش ننڊ لاٿي ۽ توهان لاءِ آسمان مان پاڻي وسايائين (۽ ماٿري پرجي

بِهٖ وَيُذْهِبَ عَنْكُمْ رِجْزَ الشَّيْطٰنِ وَلِيَرْبِطَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ

وئي.) جيئن توهان کي ان سان (ظاهري ناپاڪيءَ کان) پاڪ ڪري ۽ توهان (جي باطن) مان شيطان جي پليتي (۽ وسوسي) کي
ختم ڪري ۽ جيئن توهان جي دلين کي (صبر ۽ يقين سان) مضبوط ڪري ۽ ان پاڻيءَ جي ذريعي توهان کي ثابت قدم رکي

وَيُثَبِّتَ بِهِ الْاَقْدَامَ ؕ ﴿١١﴾ اِذْ يُوْحِيْ رَبُّكَ اِلَى الْمَلٰٓئِكَةِ اَنِّيْ

(جيئن توهان جا پير زمين جي اندر نہ لهن) ﴿١١﴾ (ياد ڪر) جڏهن تنهنجي ربّ فرشتن ڏانهن وحي ڪيو تہ آءٌ توهان سان گڏ

مَعَكُمْ فَثَبِّتُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ سَاُلْقِيْ فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ

آهيان، پوءِ مؤمنن کي (مدد جي خوشخبري ڏيو ۽) ثابت قدم رکو. سگهوئي ڪافرن جي دلين ۾ رعب وجهندس، (تانجو

كَفَرُوا الرُّعْبَ فَاضْرِبُوْا فَوْقَ الْاَعْنَاقِ وَاضْرِبُوْا مِنْهُمْ

منهنجن دوستن کان هڪ مهيني جي مفاصلي تان ڊڄندا.) پوءِ (دشمنن جي) سسين جي مٿان تلوارن جا ڌڪ هڻو ۽ سندن هر

كُلَّ بَنَانٍ ؕ ﴿١٢﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ شَآقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۚ وَمَنْ

هڪ جوڙ کي ڪُٽيو ﴿١٢﴾ اهو (يعني ڪافرن کي قتل ۽ زخمي ڪرڻ) هن ڪري آهي جو الله ۽ سندس رسول (ﷺ) جي مخالفت

يُّشَاقِقِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿١٣﴾

ڪيائون ۽ جيڪو الله ۽ سندس رسول (ﷺ) جي مخالفت ڪندو تہ پوءِ بيشڪ الله سخت عذاب ڏيندڙ آهي ﴿١٣﴾ اهو آهي توهان جو

ذٰلِكُمْ فَذُوْقُوْهُ وَاَنَّ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابَ النَّارِ ﴿١٤﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ

دنياوي (يعني قتل جو) عذاب، پوءِ ان کي چکو ۽ هيءُ تہ ڪافرن لاءِ (دنياوي عذاب کان پوءِ) باهہ جو عذاب آهي ﴿١٤﴾ اي ايمان

اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا زَحْفًا فَلَا تُوَلُّوْهُمُ الْاَدْبَارَ ﴿١٥﴾

وارو! جڏهن جنگ (جي ميدان) ۾ ڪافرن جي لشڪر سان مقابلي ۾ هجو تہ پوءِ انهن ڪان پٺيون ڦيرائي نہ ڀڄو ﴿١٥﴾

وَمَنْ يُّوَلِّهِمْ يَوْمَئِذٍ دُبُرَهٗٓ اِلَّا مُتَحَرِّفًا لِّقِتَالٍ اَوْ

۽ جيڪو شخص انهيءَ ڏينهن جنگي چال (يا ٻي مصلحت هيٺ) يا پنهنجي وڙهندڙ فوج ۾ شامل ٿيڻ جي

مُتَحَيِّزًا اِلٰى فِئَةٍ فَقَدْ بَآءَ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَمَاْوٰىهُ جَهَنَّمُ

(غرض) ڪان سواءِ، پٺي ڦيرائي ڀڄندو تہ پوءِ بيشڪ اهو الله جي ڏمر هيٺ آيو ۽ سندس ماڳ دوزخ آهي ۽ اها

وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿١٦﴾ فَلَمْ تَقْتُلُوْهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ قَتَلَهُمْ

موٽڻ جي ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ﴿١٦﴾ پوءِ ڪين توهان قتل نہ ڪيو ۽ پر ڪين الله قتل ڪيو ۽ جڏهن تو (پٿرين جي مُٺ)

وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى ۚ وَلِيُبْلِيَ الْمُؤْمِنِيْنَ

اڇلائي تہ اها تو نہ اڇلائي، پر الله اڇلائي (جو الله ٺي ڪافرن جي لشڪر جي ٻوٽن ۾ پٿريون پهچايون.) ۽ جيئن الله

مِنْهُ بَلَآءً حَسَنًا ۚ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١٧﴾ ذٰلِكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ

مؤمنن کي پنهنجو سهڻو فضل (يعني مدد ۽ غنيمت) بخشي. بيشڪ الله ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿١٧﴾ توهان جو اهو حال آهي

مُوْهِنُ كَيْدِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٨﴾ اِنْ تَسْتَفْتِحُوْا فَقَدْ جَآءَكُمُ الْفَتْحُ

۽ الله ڪافرن جي مڪر کي (سندن سردارن جي قتل ۽ قيد جي ذريعي) ناڪام ڪندڙ آهي ﴿١٨﴾ (اي مشرڪو!) جيڪڏهن

وَاِنْ تَنْتَهُوْا فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَاِنْ تَعُوْدُوْا نَعُدْ ۚ وَلَنْ تُغْنِيَ

توهان (ڪفر ۽ اسلام مان هدايت واري دين جي ثابتيءَ لاءِ) فتح گهري رهيا هئا تہ پوءِ بيشڪ (توهان جي مطالبي مطابق)
توهان وٽ (اسلام جي) فتح اچي چڪي ۽ جيڪڏهن (شرڪ ڪان) باز ايندؤ تہ توهان لاءِ چڱو آهي ۽ جيڪڏهن (محمد ﷺ جن

عَنْكُمْ فِئَتُكُمْ شَيْئًا وَّلَوْ كَثُرَتْ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٩﴾ ع

سان وڙهڻ لاءِ وري) موٽندا تہ اسين بہ (توهان کي قتل ۽ قيد ڪرڻ لاءِ) موٽنداسون ۽ (اي مشرڪو!) توهان جي لشڪر جي ٽولي
چاهي (تعداد ۾) ڪيتري بہ گهڻي هجي، اها توهان کي هرگز بچائي نہ سگهندي ۽ هيءُ تہ الله تعاليٰ مؤمنن سان گڏ آهي ﴿١٩﴾

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَوَلَّوْا عَنْهُ وَاَنْتُمْ

اي ايمان وارو! تابعداري ڪريو الله ۽ سندس رسول (ڪريم ﷺ) جي ۽ سندس (حڪم) کان منهن نہ موڙيو ۽ توهان (قرآن ۾

تَسْمَعُوْنَ ﴿٢٠﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿٢١﴾

نازل ٿيل حڪم، احڪام) ٻڌو ٿا ﴿٢٠﴾ ۽ انهن ماڻهن وانگر نہ ٿيو، جن چيو تہ (ٻڌڻ جوڳي ڳالهہ) ٻڌي سون ۽ اهي نٿا ٻڌن ﴿٢١﴾

اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٢٢﴾

بيشڪ الله وٽ بڇڙي ۾ بڇڙا جانور (مڪي جا مشرڪ) آهن. ٻوڙا (آهن، حقّ ڪي نٿا ٻڌن.) گونگا آهن، عقل کان ڪم نٿا وٺن ﴿٢٢﴾

وَلَوْ عَلِمَ اللّٰهُ فِيْهِمْ خَيْرًا لَّاَسْمَعَهُمْ ؕ وَلَوْ اَسْمَعَهُمْ لَتَوَلَّوْا

۽ جيڪڏهن الله منجهن ڀلائي ڄاڻي ها تہ ضرور کين ٻڌڻ جي توفيق بخشي ها ۽ جيڪڏهن کين ٻڌائي ها تہ ضرور اهي ڦِرن

وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٣﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ

ڦيرائي منهن موڙڻ وارا ٿين ها ﴿٢٣﴾ اي ايمان وارو! الله ۽ (سندس) رسول (ﷺ) جي حڪم کي قبول ڪريو، جڏهن توهان کي

اِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيْكُمْ ۚ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهٖ

(جهاد وغيره لاءِ) سڏي، جنهن ۾ توهان جي دائمي (يعني ٻنهي جهانن جي) زندگي جو راز آهي ۽ ڄاڻو تہ الله آدمي ۽ سندس دل
جي وچ ۾ رڪاوٽ ٿيندو آهي. (پوءِ سندس اجازت کان سواءِ نہ ڪو ايمان آڻي ٿو ۽ نہ ڪو ڪفر ڪري ٿو.) ۽ هيءُ تہ (عملن جي بدلي

وَاَنَّهٗٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٤﴾ وَاتَّقُوْا فِتْنَةً لَّا تُصِيْبَنَّ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا

لاءِ) توهان کي ان ڏانهن گڏ ڪيو ويندو ﴿٢٤﴾ ۽ ان فتني کان بچو، (جنهن جو نتيجو) رڳو توهان مان خاص انهن ماڻهن تائين نہ

مِنْكُمْ خَآصَّةً ۚ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢٥﴾ وَاذْكُرُوْٓا اِذْ

پهچندو، جن ظلم ڪيو، (بلڪ نيڪ ۽ بد سڀ لاءِ اهو فتنو عام هوندو) ۽ ڄاڻو تہ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي ﴿٢٥﴾ ۽ (اي مهاجرو!) ياد

اَنْتُمْ قَلِيْلٌ مُّسْتَضْعَفُوْنَ فِي الْاَرْضِ تَخَافُوْنَ اَنْ يَّتَخَطَّفَكُمُ

ڪريو جڏهن توهان مڪي ۾ ٿورا ۽ هيڻا هئا. ڊڄي رهيا هئا تہ ماڻهو توهان کي جهٽي وٺندا. پوءِ توهان کي (مديني جي انصار

النَّاسُ فَاٰوٰىكُمْ وَاَيَّدَكُمْ بِنَصْرِهٖ وَرَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ

وٺ) نڪاڻو ڏنائين ۽ (بدر جي ڏينهن) توهان کي پنهنجي مدد وسيلي قوت ڏنائين ۽ توهان کي پاڪ شين (يعني مال غنيمت)

لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٢٦﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَخُوْنُوا اللّٰهَ

مان روزي ڏنائين، مَنَ توهان شڪر ڪريو ﴿٢٦﴾ اي ايمان وارو! (فرض ڇڏي) الله سان ۽ (سنتون ڇڏي) پيغمبر

وَالرَّسُوْلَ وَتَخُوْنُوْۤا اَمٰنٰتِكُمْ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٧﴾ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّمَاۤ

(پاڪ ﷺ) سان خيانت نہ ڪريو ۽ ڄاڻي واڻي هڪ ٻئي جي امانتن ۾ خيانت نہ ڪريو ﴿٢٧﴾ ۽ ڄاڻو تہ توهان جا مالَ ۽ توهان

اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗۤ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٨﴾ ع ٣/١٧

جو اولاد (توهان لاءِ) آزمائش (جو سبب) آهن ۽ (جيڪو خيانت کان بچندو)، تنهن لاءِ الله وٽ وڏو اجر آهي ﴿٢٨﴾

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تَتَّقُوا اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّكُمْ فُرْقَانًا وَّيُكَفِّرْ

اي ايمان وارو! جيڪڏهن توهان الله (جي حرام ڪيل ڪمن) کان بچندا تہ توهان کي (مدد ڏيندو ۽ جنهن شيءِ کان ڊڄو ٿا، تنهن کان

عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٩﴾ وَاِذْ

توهان کي) جدا ڪندو ۽ توهان جا (اڳيان) گناهہ مٽائيندو ۽ توهان کي بخشيندو ۽ الله وڏي فضل وارو آهي ﴿٢٩﴾ ۽ (ياد ڪر اي محمد

يَمْكُرُ بِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ يَقْتُلُوْكَ اَوْ يُخْرِجُوْكَ ؕ

ﷺ!) جڏهن ڪافر تنهنجي خلاف ڳجهي تدبير ڪري رهيا هئا، جيئن توکي قيد ڪن، يا توکي قتل ڪن، يا توکي ڪڍي ڇڏين ۽

وَيَمْكُرُوْنَ وَيَمْكُرُ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿٣٠﴾ وَاِذَا تُتْلٰى

اهي ڳجهي تدبير ڪري رهيا آهن ۽ الله بہ ڳجهي تدبير ڪندو آهي ۽ الله چڱي ڳجهي تدبير ڪندڙ آهي ﴿٣٠﴾ ۽ جڏهن ڪين اسان

عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا قَالُوْا قَدْ سَمِعْنَا لَوْ نَشَآءُ لَقُلْنَا مِثْلَ هٰذَاۤ ۙ

جون آيتون پڙهي ٻڌايون وينديون آهن، چوندا آهن تہ ٻڌوسون. جيڪڏهن گهرون تہ اسين بہ ان جهڙو (ڪلام) چئون.

اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣١﴾ وَاِذْ قَالُوا اللّٰهُمَّ اِنْ كَانَ

اهي ته رڳو اڳين ماڻهن جون آکاڻيون آهن ﴿٣١﴾ ۽ جڏهن (رسول الله ﷺ جن سان سخت دشمنيءَ سبب

هٰذَا هُوَ الْحَقَّ مِنْ عِنْدِكَ فَاَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً

نضر بن حارث) چيو ته اي الله! (جيڪي ڪجهه محمد ﷺ چئي رهيو آهي)، جيڪڏهن اهو تنهنجي طرفان حقّ

مِّنَ السَّمَآءِ اَوِ ائْتِنَا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٣٢﴾ وَمَا كَانَ اللّٰهُ

آهي ته پوءِ اسان تي آسمان تان پٿر وساءِ يا اسان کي ڏکوئيندڙ عذاب ڏي ﴿٣٢﴾ ۽ الله جو شان اهو نه آهي ته

لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ فِيْهِمْ ؕ وَمَا كَانَ اللّٰهُ مُعَذِّبَهُمْ وَهُمْ

منجهن تنهنجي هوندي به انهن (مشرڪن) تي عذاب ڪري ۽ نه ئي هن حالت ۾ ڪين عذاب ڏيڻ وارو آهي، جو اهي

يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَمَا لَهُمْ اَلَّا يُعَذِّبَهُمُ اللّٰهُ وَهُمْ يَصُدُّوْنَ

بخشش گهرن ٿا ﴿٣٣﴾ ۽ ڇا جي ڪري الله مٿن عذاب نه ڪندو ۽ اهي (ماڻهن کي) بيت الله کان روڪين ٿا ۽ اهي (ڪافر) ان

عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَمَا كَانُوْٓا اَوْلِيَآءَهٗ ؕ اِنْ اَوْلِيَآؤُهٗٓ

(بيت الله شريف) جا متولي ۽ منتظم نه آهن (۽ ڪوڙ ٿا ڳالهائين ته ان جا متولي ۽ منتظم آهن. بيت الله) جا منتظم ته رڳو

اِلَّا الْمُتَّقُوْنَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَمَا كَانَ

پرهيزگار (يعني مهاجر ۽ انصار) آهن ۽ پر انهن مان گهڻا (منهنجي ڳجهي تقدير کي) نٿا ڄاڻن ﴿٣٤﴾ ۽ بيت الله

صَلَاتُهُمْ عِنْدَ الْبَيْتِ اِلَّا مُكَآءً وَّتَصْدِيَةً ؕ فَذُوْقُوا

شريف وٽ انهن (ڪافرن) جي نماز رڳو سيٽين ۽ تاڙين وڄائڻ کان سواءِ ڪجهه نه آهي. پوءِ جيڪو ڪفر توهان

الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنْفِقُوْنَ

ڪريو ٿا، تنهن جي ڪري عذاب (جو مزو) چکو ﴿٣٥﴾ بيشڪ جن ماڻهن ڪفر ڪيو، اهي الله جي واٽ کان

اَمْوَالَهُمْ لِيَصُدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ فَسَيُنْفِقُوْنَهَا ثُمَّ

روڪڻ لاءِ پنهنجا مالَ خرچ ڪري رهيا آهن، وري سگهوئي (پنهنجا مالَ انهيءَ مقصد جي لاءِ) خرچ ڪندا. پوءِ

تَكُوْنُ عَلَيْهِمْ حَسْرَةً ثُمَّ يُغْلَبُوْنَ ۬ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى

اها ڳالهه مٿن حسرت جو سبب ٿيندي، ان کان پوءِ اهي مغلوب ڪيا ويندا ۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو، سگهوئي ڪين

جَهَنَّمَ يُحْشَرُوْنَ ۙ﴿۳۶﴾ لِيَمِيْزَ اللّٰهُ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ وَ

(ڏکي) جهنم ڏانهن گڏ ڪيو ويندو ﴿۳۶﴾ جيئن الله تعاليٰ پاڪ (ماڻهن) کي ناپاڪ (ماڻهن) کان جدا

يَجْعَلَ الْخَبِيْثَ بَعْضَهٗ عَلٰى بَعْضٍ فَيَرْكُمَهٗ جَمِيْعًا فَيَجْعَلَهٗ

ڪري ۽ ڪين هڪ ٻئي جي مٿان سٽي، پوءِ ڪين (سڀني سوڙهو ڪري ۽) جهنم ۾ هٽي،

فِيْ جَهَنَّمَ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۳۷﴾ ع قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ ع ۹ / ۱۸

اهي ئي ماڻهو نقصان پوڻ وارا آهن ﴿۳۷﴾ (اي محمّد ﷺ!) ڪافرن کي فرماءِ ته جيڪڏهن اهي باز

يَّنْتَهُوْا يُغْفَرْ لَهُمْ مَّا قَدْ سَلَفَ ۚ وَاِنْ يَّعُوْدُوْا فَقَدْ مَضَتْ

ايندا ته سندن گذريل گناه بخشيا ويندا ۽ جيڪڏهن (ڪفر ۽ سرڪشي ڏانهن) موٽندا ته پوءِ بيشڪ اڳين ماڻهن جو

سُنَّتُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۳۸﴾ وَ قَاتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ

طريقو گذري چڪو آهي ﴿۳۸﴾ ۽ ساڻن وڙهو، تانجو فتنو، فساد باقي نه رهي ۽ دين پوري جو پورو الله جو (غالب)

الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ ۚ فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۳۹﴾ وَاِنْ

ٿئي. پوءِ جيڪڏهن باز ايندا ته بيشڪ جيڪي عملَ اهي ڪن ٿا، الله تعاليٰ انهن کي ڏسندڙ آهي ﴿۳۹﴾ ۽ جيڪڏهن

تَوَلَّوْا فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَوْلٰىكُمْ ؕ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿۴۰﴾

منهن موڙيندا (۽ فساد تي سندروبڌي بيهندا) ته پوءِ ڄاڻو ته الله توهان جو چڱو سائين ۽ چڱو مددگار آهي ﴿۴۰﴾

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَیْءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَلِلرَّسُوْلِ

۽ ڄاڻو تہ غنيمتن جو جيڪو مال توهان کي (ڪافرن تي فتح ۾) ملي، ان مان پنجون حصو الله ۽ (سندس) رسول ۽ (پيغمبر پاڪ

وَلِذِی الْقُرْبٰی وَالْیَتٰمٰی وَالْمَسٰكِیْنِ وَابْنِ السَّبِیْلِ ۙ اِنْ كُنْتُمْ

ﷺ جي) ويجهن مِٽن مائٽن (يعني بنوهاشم ۽ بنو عبدالمطلب) ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي، جيڪڏهن الله ۽

اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلٰی عَبْدِنَا یَوْمَ الْفُرْقَانِ یَوْمَ الْتَقَی

انهيءَ (ڪتاب) کي مڃو ٿا، جيڪو اسان فيصلي جي ڏينهن، ٻن ٽولين جي مقابلي جي ڏينهن، پنهنجي ٻانهي (حضرت

الْجَمْعٰنِ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰی كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿۴۱﴾ اِذْ اَنْتُمْ بِالْعُدْوَةِ الدُّنْیَا

محمد ﷺ) تي لاٿو (يعني هيءَ سورة سڳوري) ۽ الله هر شيءِ تي وس وارو آهي ﴿۴۱﴾ جڏهن توهان (اي مؤمنو!) اورين پاسي ۽

وَهُمْ بِالْعُدْوَةِ الْقُصْوٰی وَالرَّكْبُ اَسْفَلَ مِنْكُمْ ؕ وَلَوْ تَوَاعَدْتُّمْ

اهي (ڪافر) پرين پاسي هئا ۽ قافلو توهان کان هيٺين پاسي هو ۽ جيڪڏهن هڪ ٻئي سان وعدو ڪريو ها تہ ضرور وعدي

لَاخْتَلَفْتُمْ فِی الْمِیْعٰدِ ۙ وَلٰكِنْ لِّیَقْضِیَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ۙ ۵

۾ اختلاف ڪريو ها ۽ پر جيئن الله تعاليٰ اهو ڪم پورو ڪري، جيڪو ڪيس ڪرڻو هو. جيئن جيڪو شخص هلاڪ ٿيڻ

لِّیَهْلِكَ مَنْ هَلَكَ عَنْۢ بَیِّنَةٍ وَّیَحْیٰی مَنْ حَیَّ عَنْۢ بَیِّنَةٍ ؕ وَ

گهري، سو (حقّ جي) پڌري ٿيڻ کان پوءِ هلاڪ ٿئي ۽ جيڪو زنده رهڻ گهري سو (حقّ جي) پڌري ٿيڻ کان پوءِ زنده

اِنَّ اللّٰهَ لَسَمِیْعٌ عَلِیْمٌ ۙ ﴿۴۲﴾ اِذْ یُرِیْكَهُمُ اللّٰهُ فِیْ مَنَامِكَ قَلِیْلًا ؕ

رهي ۽ بيشڪ الله تعاليٰ ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي ﴿۴۲﴾ جڏهن الله تو کي تنهنجي ننڊ ۾ (مشرڪ) ٿورا ڪري ڏيکاريا، (جيئن ڪين

وَلَوْ اَرٰىكَهُمْ كَثِیْرًا لَّفَشِلْتُمْ وَلَتَنَازَعْتُمْ فِی الْاَمْرِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ

حقير ۽ گهٽ سمجهو) ۽ جيڪڏهن اهي (مشرڪ) تو کي گهڻا ڪري ڏيکاري ها تہ توهان البت بددل ٿيو ها (۽ وڙهڻ لاءِ نہ اچو

الجزء العاشر (١٠)

سَلَّمَ ط اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٤٣﴾ وَاِذْ يُرِيْكُمُوْهُمْ اِذِ

ها) ۽ (جنگ ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي) معاملي ۾ يقيناً پاڻ ۾ جهڳڙو ڪريو ها ۽ پر الله (توهان کي اختلاف کان) بچايو. بيشڪ اهو سينن جا راز
ٻ جاڻندڙ آهي ﴿٤٣﴾ ۽ جڏهن توهان هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ آيا ته (الله جل جلاله، اي ايمان وارو!) توهان جي نگاهن ۾ (مشرڪ)

الْتَقَيْتُمْ فِيْٓ اَعْيُنِكُمْ قَلِيْلًا وَّيُقَلِّلُكُمْ فِيْٓ اَعْيُنِهِمْ لِيَقْضِيَ اللّٰهُ اَمْرًا

ٿورا ڪري ڏيکاريا ۽ وري توهان کي مشرڪن جي نگاهن ۾ ٿورو ڪري ڏيکاريائين، جيئن الله انهيءَ معاملي کي

كَانَ مَفْعُوْلًا ط وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٤٤﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا ع ٤ / ١

پورو فرمائي، جيڪو پورو ٿيڻو هو ۽ معاملا ته الله ڏانهن ئي موٽايا وڃن ٿا ﴿٤٤﴾ اي ايمان وارو! جڏهن توهان جو ڪنهن قوم

اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً فَاثْبُتُوْا وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٤٥﴾ ج

سان مقابلو ٿئي ته پوءِ ثابت قدم رهو ۽ (مدد طلب ڪرڻ لاءِ) وڌ ۾ وڌ الله کي ياد ڪريو، مَن توهان ڪامياب ٿيو ﴿٤٥﴾

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَنَازَعُوْا فَتَفْشَلُوْا وَتَذْهَبَ

۽ اطاعت ڪريو الله جي ۽ سندس رسول (ڪريم ﷺ) جي ۽ پاڻ ۾ جهڳڙو نه ڪريو (پر ايڪو ۽ اتفاق قائم رکو.) نه ته توهان ڪمزور

رِيْحُكُمْ وَاصْبِرُوْا ط اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٤٦﴾ ج وَلَا تَكُوْنُوْا

ٿي ويندا ۽ توهان (جي طاقت) مان هوا نڪري ويندي ۽ صبر کان ڪم وٺو، بيشڪ الله صبر ڪندڙن سان گڏ آهي ﴿٤٦﴾ ۽ انهن

كَالَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا وَّرِئَآءَ النَّاسِ وَيَصُدُّوْنَ

ماڻهن وانگر نه ٿيو، جيڪي پنهنجن گهرن مان (آڪڙ جي، ڳائيندي، وڄائيندي، گناهه سان ۽) وڏائي ۽ ماڻهن جي ڏيکاءَ لاءِ

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ط وَاللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿٤٧﴾ وَاِذْ زَيَّنَ لَهُمُ

نڪتا ۽ (جيڪي) الله جي واٽ کان روڪين ٿا ۽ جيڪي ڪم اهي ڪن ٿا، تن کي الله جاڻندڙ آهي ﴿٤٧﴾ ۽ جڏهن شيطان سندن لاءِ

الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ وَقَالَ لَا غَالِبَ لَكُمُ الْيَوْمَ مِنَ النَّاسِ وَاِنِّيْ

انهن جا عملَ سينگاري پيش ڪيا ۽ ڪين چيائين ته اڄ ماڻهن مان توهان تي ڪو غالب ٿيندڙ نه آهي ۽ آءٌ (۽ منهنجي قوم)

جَارٌ لَّكُمْ ۚ فَلَمَّا تَرَآءَتِ الْفِئَتٰنِ نَكَصَ عَلٰى عَقِبَيْهِ وَ قَالَ اِنِّيْ

توهان جا ساٿاري آهيون، پوءِ جڏهن ٻنهي ٽولين (يعني رحماني جماعت ۽ شيطاني جماعت) مقابلي ۾ آيون ته شيطان پوئين پيرين
ونئي ڀڳو ۽ چوڻ لڳو ته بيشڪ آءٌ توهان کان بيزار آهيان. (جڏهن مشرڪن شيطان کي چيو ته اي سراقہ! جنگ کان ڪاڏي ٿو ڀڄين ؟

بَرِيْٓءٌ مِّنْكُمْ اِنِّيْٓ اَرٰى مَا لَا تَرَوْنَ اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ ؕ وَاللّٰهُ

ان چيو ته) بيشڪ آءٌ جو ڪجهہ ڏسان ٿو (يعني جبرئيل عليه السلام سان ملائڪن جي جيڪا جماعت ڏسان ٿو)، توهان نٿا ڏسو.

شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۟ع ﴿٤٨﴾ اِذْ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ

آءٌ الله کان ڊڄان ٿو ۽ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي ﴿٤٨﴾ جڏهن منافق ۽ اهي ماڻهو، جن جي دلين ۾ بيماري آهي، چئي

مَّرَضٌ غَرَّ هٰٓؤُلَآءِ دِيْنُهُمْ ؕ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ

رهيا هئا ته هنن کي سندن دين دوکي ۾ وجهي ڇڏيو آهي ۽ جيڪو شخص الله تي ڀروسو ڪندو ته پوءِ بيشڪ الله غالب،

حَكِيْمٌ ﴿٤٩﴾ وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ يَتَوَفَّى الَّذِيْنَ كَفَرُوا ۙ الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُوْنَ

حڪمت وارو آهي ﴿٤٩﴾ ۽ جيڪر ڏسين، جڏهن فرشتا ڪافرن جو ساهہ ڪيندا آهن، سندن منهن ۽ سندن پٺين

وُجُوْهَهُمْ وَ اَدْبَارَهُمْ ۚ وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿٥٠﴾ ذٰلِكَ بِمَا

کي ڪُٽيندا آهن ۽ (چوندا آهن ته) ساڙيندڙ باهہ (جي عذاب) جو مزو چکو ﴿٥٠﴾ اهو (عذاب) انهن (گناهن) جي ڪري

قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ۙ ﴿٥١﴾ كَدَاْبِ

آهي، جيڪي توهان جي هٿن اڳتي موڪليا آهن ۽ هيءُ ته الله ٻانهن تي ظلم ڪندڙ نہ آهي ﴿٥١﴾ (سندن عادت) فرعوني

اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاَخَذَهُمُ

قوم ۽ انهن (قومن جي عادت) وانگر آهي، جيڪي انهن کان اڳ ۾ هئا. انهن الله جي آيتن جو ڪفر ڪيو. پوءِ ڪين سندن

اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٥٢﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ

گناهن جي ڪري الله جي عذاب اچي پڪڙيو. بيشڪ الله طاقتور، سخت عذاب ڏيندڙ آهي ﴿٥٢﴾ اهو هن سبب جي ڪري

لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا

آهي ته الله تعالىٰ ڪنهن قوم کي عطا ڪيل پنهنجي نعمت کي ان وقت تائين نه بدلائيندو آهي، جيستائين

بِاَنْفُسِهِمْ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ۙ﴿٥٣﴾ كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ

اهي پاڻ کي نه بدلائيندا آهن ۽ هيءُ ته الله ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿٥٣﴾ جيئن فرعوني قوم ۽ انهن ماڻهن جي

وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۭ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ

عادت هئي، جيڪي انهن کان اڳ هئا. انهن پنهنجي ربّ جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو، پوءِ ڪين سندن گناهن جي ڪري

وَاَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ ۚ وَكُلٌّ كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿٥٤﴾ اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ

هلاڪ ڪيوسون ۽ فرعون جي قوم کي ٻوڙيوسون ۽ اهي (سڀ) ظالم هئا ﴿٥٤﴾ بيشڪ الله وٽ سڀ کان

عِنْدَ اللّٰهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٥﴾ ۖ اَلَّذِيْنَ عٰهَدْتَّ

بڇڙا جانور ڪافر (يعني بنو قريظه جا يهودي) آهن، پوءِ اهي ايمان نٿا آڻين ﴿٥٥﴾ (يعني) انهن مان جن سان تو (صلح

مِنْهُمْ ثُمَّ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَهُمْ فِيْ كُلِّ مَرَّةٍ وَّهُمْ لَا يَتَّقُوْنَ ﴿٥٦﴾

جو) معاهدو ڪيو آهي، پوءِ هر ڀيري پنهنجي معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪن ٿا ۽ اهي نٿا ڊڄن ﴿٥٦﴾

فَاِمَّا تَثْقَفَنَّهُمْ فِي الْحَرْبِ فَشَرِّدْ بِهِمْ مَّنْ خَلْفَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿٥٧﴾

پوءِ جيڪڏهن جنگ ۾ ڪين لهين ته ڪين اهڙي سزا ڏي جو انهن جا پويان به ڇڙوڇڙ ٿي وڃن، مَن اهي نصيحت وٺن (۽

وَاِمَّا تَخَافَنَّ مِنْ قَوْمٍ خِيَانَةً فَانْۢبِذْ اِلَيْهِمْ عَلٰى سَوَآءٍ ۭ اِنَّ اللّٰهَ

عهد کي نه ڀڃن.) ﴿٥٧﴾ ۽ جيڪڏهن تو کي ڪنهن قوم جي خيانت (يعني بدعهديءَ) جو خوف هجي ته (انهيءَ عهد جي ڀڃڻ سبب
جيستائين اهي معافي نه وٺن، تيستائين) انهن ڏانهن برابريءَ جي بنياد تي بيزاريءَ جو پيغام موڪل، بيشڪ الله تعالىٰ خيانت

لَا يُحِبُّ الْخَاۗىِٕنِيْنَ ﴿٥٨﴾ ۧ وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَبَقُوْا ۭ ع ١٠ ٣

.ڪندڙن کي پسند نه ڪندو آهي ﴿٥٨﴾ ۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو، اهي هرگز نه ڀانئين ته اسان کان اڳتي نڪري ويندا.

اِنَّهُمْ لَا يُعْجِزُوْنَ ﴿٥٩﴾ وَ اَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ قُوَّةٍ

بيشڪ اهي (اسان کي) عاجز ڪندڙ نہ آهن ﴿٥٩﴾ ۽ توهان سندن مقابلي لاءِ طاقت ۽ گهوڙي سوار فوج تيار رکو،

وَّ مِنْ رِّبَاطِ الْخَيْلِ تُرْهِبُوْنَ بِهٖ عَدُوَّ اللّٰهِ وَ عَدُوَّكُمْ وَ اٰخَرِيْنَ

جيئن ان سان الله جي دشمن ۽ پنهنجن دشمن ۽ پڻ انهن بين (اسلام دشمن قوتن) کي بہ ڊيڄاريو، جن کي توهان

مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ لَا تَعْلَمُوْنَهُمْ ۚ اَللّٰهُ يَعْلَمُهُمْ ۭ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ

نٿا ڄاڻو. الله ئي انهن کي ڄاڻي ٿو ۽ توهان الله جي واٽ ۾ جيڪا بہ شيءِ خرچ ڪندا، توهان کي ان جو

شَيْءٍ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ يُوَفَّ اِلَيْكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٦٠﴾ وَ اِنْ

پورو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ توهان تي (هرگز) ظلم نہ ڪيو ويندو ﴿٦٠﴾ ۽ جيڪڏهن اهي (ڪافر توسان) صلح

جَنَحُوْا لِلسَّلْمِ فَاجْنَحْ لَهَا وَ تَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ

ڪرڻ جي رغبت رکندا هجن تہ پوءِ تون بہ ساڻن صلح ڪر ۽ الله تي ڀروسو رک، بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ،

الْعَلِيْمُ ﴿٦١﴾ وَاِنْ يُّرِيْدُوْٓا اَنْ يَّخْدَعُوْكَ فَاِنَّ حَسْبَكَ اللّٰهُ ۭ هُوَ

ڄاڻندڙ آهي ﴿٦١﴾ ۽ جيڪڏهن (صلح ڪري) توکي دوکو ڏيڻ جو ارادو ڪندا تہ پوءِ بيشڪ الله تنهنجي لاءِ ڪافي

الَّذِيْٓ اَيَّدَكَ بِنَصْرِهٖ وَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٢﴾ ۙ وَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ ۭ لَوْ

آهي. اهو ئي آهي، جنهن تو کي پنهنجي مدد سان ۽ مؤمنن جي ذريعي طاقت بخشي ﴿٦٢﴾ ۽ سندن دلين کي

اَنْفَقْتَ مَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا مَّآ اَلَّفْتَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ

جوڙيائين. جيڪڏهن دنيا جو سڀ ڌن ۽ دولت خرچ ڪرين ها، تڏهن بہ سندن دلين کي جوڙي نہ سگهين ها ۽ پر الله

اَلَّفَ بَيْنَهُمْ ۭ اِنَّهٗ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٣﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ حَسْبُكَ اللّٰهُ

منجهن محبت (۽ الفت) پيدا ڪئي. بيشڪ اهو غالب، حڪمت وارو آهي ﴿٦٣﴾ اي نبي (ﷺ!) تنهنجي لاءِ الله ڪافي آهي

وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۶۴﴾ ع يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ حَرِّضِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ

۽ اهي مؤمن (ڪافي آهن)، جن تنهنجي تابعداري ڪئي ﴿۶۴﴾ اي (عظيم الشان) نبي (ﷺ!) مؤمنن کي (ڪافرن

عَلَى الۡقِتَالِ ؕ اِنۡ يَّكُنۡ مِّنۡكُمۡ عِشۡرُوۡنَ صٰبِرُوۡنَ يَغۡلِبُوۡا مِائَتَيۡنِ ۚ

جي خلاف) جنگ ڪرڻ لاءِ اڀار. جيڪڏهن توهان مان ويهه ڄڻا صبر ڪندڙ هوندا ته اهي ٻن سو ڪافرن

وَاِنۡ يَّكُنۡ مِّنۡكُمۡ مِّائَةٌ يَّغۡلِبُوۡۤا اَلۡفًا مِّنَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا

جي مٿان غالب ايندا ۽ جيڪڏهن توهان مان سو ڄڻا هوندا ته اهي هڪ هزار ڪافرن تي غالب ايندا،

بِاَنَّهُمۡ قَوۡمٌ لَّا يَفۡقَهُوۡنَ ﴿۶۵﴾ اَلۡـٰٔنَ خَفَّفَ اللّٰهُ عَنۡكُمۡ وَعَلِمَ

ڇاڪاڻ ته اهي (ڪافر ۽ مشرڪ) ٻي سمجهه ماڻهو آهن ﴿۶۵﴾ هاڻي الله توهان تان بار هلڪو ڪيو ۽ ڄاتائين ته توهان

اَنَّ فِيۡكُمۡ ضَعۡفًا ؕ فَاِنۡ يَّكُنۡ مِّنۡكُمۡ مِّائَةٌ صَابِرَةٌ يَّغۡلِبُوۡا مِائَتَيۡنِ ۚ

۾ ڪمزوري آهي، پوءِ جيڪڏهن توهان مان سو صبر ڪندڙ هوندا ته ٻن سون تي غالب ايندا ۽ جيڪڏهن

وَاِنۡ يَّكُنۡ مِّنۡكُمۡ اَلۡفٌ يَّغۡلِبُوۡۤا اَلۡفَيۡنِ بِاِذۡنِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ مَعَ

توهان مان هڪ هزار (صبر ڪندڙ) هوندا ته الله جي حڪم سان ٻن هزار (ڪافرن) تي غالب ايندا ۽ الله صبر ڪندڙن سان

الصّٰبِرِيۡنَ ﴿۶۶﴾ مَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنۡ يَّكُوۡنَ لَهٗۤ اَسۡرٰى حَتّٰى يُثۡخِنَ فِى

گڏ آهي ﴿۶۶﴾ ۽ ڪنهن نبيءَ کي نٿو جڳائي ته ميدان جنگ ۾ (دشمن جي قتل جي سگهه رکڻ جي باوجود) چڱيءَ

الۡاَرۡضِ ؕ تُرِيۡدُوۡنَ عَرَضَ الدُّنۡيَا ۖ وَاللّٰهُ يُرِيۡدُ الۡاٰخِرَةَ ؕ وَاللّٰهُ

طرح رتوڇاڻ ڪرڻ کان اڳ ڪين قيدي بنائي. توهان دنياوي مال ۽ سامان گهرو ٿا ۽ الله (توهان لاءِ) آخرت گهري ٿو ۽ الله

عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ ﴿۶۷﴾ لَوۡلَا كِتٰبٌ مِّنَ اللّٰهِ سَبَقَ لَمَسَّكُمۡ فِيۡمَاۤ اَخَذۡتُمۡ

غالب، حڪمت وارو آهي ﴿۶۷﴾ جيڪڏهن اڳ ۾ الله جي (تقدير) لکيل نه هجي ها (ته غنيمت ۽ فديو امت محمديه جي لاءِ

عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿٦٨﴾ فَكُلُوا مِمَّا غَنِمْتُمْ حَلَالًا طَيِّبًا ۖ وَاتَّقُوا اللَّهَ ۚ إِنَّ

حلال آهي) تہ جيڪي ڪجھ توهان ورتو آهي، ان جي ڪري توهان کي وڏو عذاب پهچي ها ﴿٦٨﴾ پوءِ غنيمت جا جيڪي

ع ٩ ٥ ٥

اللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٦٩﴾ ع يَا أَيُّهَا النَّبِيُّ قُل لِّمَن فِي أَيْدِيكُم مِّنَ

حلال ۽ پاڪ مال توهان حاصل ڪيا، سي کائو ۽ الله کان ڊڄو، بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي ﴿٦٩﴾ اي (چونڊيل) نبي (ﷺ!) توهان
جي هٿن ۾ جيڪي قيدي آهن، تن کي فرماءِ تہ جيڪڏهن الله توهان جي دلين ۾ ڀلائي (يعني اسلامي جذبو) ڄاڻندو تہ (فديو

الْأَسْرَىٰ إِن يَعْلَمِ اللَّهُ فِي قُلُوبِكُمْ خَيْرًا يُؤْتِكُمْ خَيْرًا مِّمَّا أُخِذَ

وغيره) جو ڪجھ توهان کان ورتو ويو آهي، توهان کي ان کان بہ چڱو عطا ڪندو ۽ توهان جو (ڪفر ۽ حضرت محمد ﷺ جن

مِنكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ۗ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٧٠﴾ وَإِن يُرِيدُوا خِيَانَتَكَ

سان جنگ ڪرڻ جھڙا عظيم گناهہ بہ) بخشيندو ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي ﴿٧٠﴾ جيڪڏهن (اسلام آڻڻ ۽ جنگ نہ ڪرڻ

فَقَدْ خَانُوا اللَّهَ مِن قَبْلُ فَأَمْكَنَ مِنْهُمْ ۗ وَاللَّهُ عَلِيمٌ

بابت) توسان خيانت ڪندا تہ بيشڪ اڳ (بدر) ۾ الله سان خيانت ڪري چڪا آهن، پوءِ (الله جل جلاله) توهان کي مٿن سوڀ

حَكِيمٌ ﴿٧١﴾ إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَهَاجَرُوا وَجَاهَدُوا بِأَمْوَالِهِمْ وَ

ڏني ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ﴿٧١﴾ بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ هجرت ڪيائون ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن

أَنفُسِهِمْ فِي سَبِيلِ اللَّهِ وَالَّذِينَ آوَوا وَّنَصَرُوا أُولَٰئِكَ

مالن ۽ پنهنجين جانين سان جهاد ڪيائون ۽ جن مهاجرن کي جاءِ (يعني پناهہ) ڏني ۽ سندن مدد ڪئي،

بَعْضُهُمْ أَوْلِيَاءُ بَعْضٍ ۚ وَالَّذِينَ آمَنُوا وَلَمْ يُهَاجِرُوا مَا

اهي ئي هڪ ٻئي جا ساٿي آهن ۽ جن ايمان آندو ۽ هجرت نہ ڪيائون، تن سان (ميراث جي ڏي وٺ ۾)

لَكُم مِّن وَلَايَتِهِم مِّن شَيْءٍ حَتَّىٰ يُهَاجِرُوا ۚ وَإِنِ

توهان جي ڪا وراثت ۽ ولايت نہ آهي، تانجو اهي هجرت ڪن ۽ جيڪڏهن توهان کان دين جي ڪم ۾ مدد گهرن

اسْتَنْصَرُوْكُمْ فِى الدِّيْنِ فَعَلَيْكُمُ النَّصْرُ اِلَّا عَلٰى قَوْمٍۢ

تہ انهن کي مدد ڏيڻ توهان تي (لازم) آهي، سواءِ هن جي جو انهيءَ قوم جي مقابلي ۾ (توهان

بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۷۲﴾ وَ

کان مدد گهرن)، جن سان توهان جو معاهدو آهي ۽ جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، الله تن کي ڏسندڙ آهي ﴿۷۲﴾ ۽

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ اِلَّا تَفْعَلُوْهُ تَكُنْ

جن ڪافرن ڪفر ڪيو، اهي هڪ ٻئي جا ساٿي آهن. جيڪڏهن توهان (هڪ ٻئي جي مدد) نہ ڪندا (۽ هڪ ٻئي جا

فِتْنَةٌ فِى الْاَرْضِ وَفَسَادٌ كَبِيْرٌ ؕ﴿۷۳﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

وارث نہ ٿيندا) تہ پوءِ زمين ۾ وڏو (۽ زبردست فتنو) فساد (يعني شرڪ) ڦهلجي ويندو ﴿۷۳﴾ ۽ جن ماڻهن ايمان

هَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِىْ سَبِيْلِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ

آندو ۽ هجرت ڪيائون ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيائون ۽ جن ماڻهن (يعني انصارن، مهاجرن کي) جاءِ ڏني ۽

هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿۷۴﴾ وَالَّذِيْنَ

سندن مدد ڪيائون، اهي ئي سچا پڪا مؤمن آهن. سندن لاءِ (جنت ۾) بخشش ۽ عزت واري روزي آهي ﴿۷۴﴾ ۽

اٰمَنُوْا مِنْۢ بَعْدُ وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا مَعَكُمْ فَاُولٰٓئِكَ مِنْكُمْ ؕ وَ

جن ماڻهن (صلح حديبيه) کان پوءِ ايمان آندو ۽ هجرت ڪيائون ۽ توهان سان گڏجي جهاد ڪيائون،

اُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ فِىْ كِتٰبِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ

اهي توهان مان آهن ۽ الله جي ڪتاب ۾ مِٽي مائٽيءَ وارا (ميراث ۾) هڪ ٻئي جا وڌيڪ حقدار آهن. بيشڪ

شَىْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۷۵﴾ ع

الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ﴿۷۵﴾

ع ١٠ ٦

رُكُوعَاتُهَا ١٦ (٩) سُوْرَةُ التَّوْبَةِ مَدَنِيَّةٌ (١١٣) اٰيَاتُهَا ١٢٩

سورة التوبه مدني آهي، هن ۾ هڪ سو اٺٽيهه آيتون ۽ سورهن رڪوع آهن.

بَرَآءَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖٓ اِلَى الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ؕ ①

(هيءَ سورة) الله ۽ سندس رسول جي طرفان انهن مشرڪن جي خلاف بيزاريءَ جو اعلان آهي، جن سان توهان عهد ڪيو آهي ①

فَسِيْحُوْا فِى الْاَرْضِ اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِى

پوءِ (اي مشرڪو! پهرين شوال کان محرم جي آخري تاريخ تائين امن سان) زمين ۾ چار مهينا گهمو ڦرو ۽ ڄاڻو ته توهان

اللّٰهِ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ مُخْزِى الْكٰفِرِيْنَ ② وَاَذَانٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖٓ

الله کي عاجز ڪندڙ نه آهيو ۽ هيءُ ته الله ڪافرن کي خوار ڪندڙ آهي ② ۽ (هيءَ سورة) الله ۽ سندس رسول (ڪريم

اِلَى النَّاسِ يَوْمَ الْحَجِّ الْاَكْبَرِ اَنَّ اللّٰهَ بَرِىْٓءٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۙ۵ وَ

ﷺ) جي طرفان وڏي حج (يعني عرفه يا عيد) جي ڏينهن ماڻهن لاءِ اعلان آهي ته الله ۽ سندس رسول (ﷺ) مشرڪن

رَسُوْلُهٗ ؕ فَاِنْ تُبْتُمْ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ

(سان ڪيل عهد) کان بيزار آهي. پوءِ جيڪڏهن (شرڪ کان) توبه ڪريو ته توهان لاءِ چڱو آهي ۽ جيڪڏهن (ايمان آڻڻ

غَيْرُ مُعْجِزِى اللّٰهِ ؕ وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۙ ③ اِلَّا

کان) منهن موڙيو ته پوءِ ڄاڻو ته توهان الله کي عاجز ڪندڙ نه آهيو ۽ ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي ③ سواءِ

الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ثُمَّ لَمْ يَنْقُصُوْكُمْ شَيْئًا وَّلَمْ

انهن مشرڪن جي، جن سان توهان عهد ڪيو آهي، پوءِ توهان سان (شرطن) ۾ ڪا ڪمي (۽ ڪو قصور) نه ڪيائون ۽ نه ئي

يُظَاهِرُوْا عَلَيْكُمْ اَحَدًا فَاَتِمُّوْٓا اِلَيْهِمْ عَهْدَهُمْ اِلٰى مُدَّتِهِمْ ؕ

توهان جي خلاف ڪنهن (دشمن) جي مدد ڪيائون ته پوءِ سندن لاءِ سندن مدت تائين سندن عهد کي پورو ڪريو. بيشڪ

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٤﴾ فَاِذَا انْسَلَخَ الْاَشْهُرُ الْحُرُمُ

الله تعاليٰ پرهيزگارن کي دوست رکي ٿو ﴿۴﴾ پوءِ جڏهن (نهرايل مدّت وارا) عزت پريا مهينا پورا ٿين ته مشرڪن کي

فَاقْتُلُوا الْمُشْرِكِيْنَ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ وَخُذُوْهُمْ وَاحْصُرُوْهُمْ

(حرم ۾ يا حرم کان ٻاهر) جتي به لهو، کين قتل ڪريو ۽ کين پڪڙيو ۽ کين (مکي ۾ داخل ٿيڻ ۽ اسلامي علائقن ۾ عمل

وَاقْعُدُوْا لَهُمْ كُلَّ مَرْصَدٍ ۚ فَاِنْ تَابُوْا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ

دخل ڪرڻ کان) روڪيو ۽ کين (گرفتار ڪرڻ لاءِ) هرهڪ گهٽ ۾ ويهو. پوءِ جيڪڏهن توبه ڪن ۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪوٰة

فَخَلُّوْا سَبِيْلَهُمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥﴾ وَاِنْ اَحَدٌ مِّنَ

ڏين ته انهن جو رستو نه روڪيو، بيشڪ الله مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿۵﴾ ۽ جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو

الْمُشْرِكِيْنَ اسْتَجَارَكَ فَاَجِرْهُ حَتّٰى يَسْمَعَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ اَبْلِغْهُ

هڪ تو کان پناهه (يا امان) گهري ته کيس پناهه ڏي، تانجو اهو الله جو ڪلام ٻڌي. پوءِ کيس سندس امن واري جاءِ تي

مَاْمَنَهٗ ۗ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦﴾ ع كَيْفَ يَكُوْنُ ع

پهچاءِ، ڇاڪاڻ ته اهي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي (توحيد ۽ دين اسلام کي) نٿا ڄاڻن ﴿۶﴾ الله ۽ ان جي رسول

لِلْمُشْرِكِيْنَ عَهْدٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَعِنْدَ رَسُوْلِهٖٓ اِلَّا الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ

(ڪريم ﷺ) وٽ مشرڪن لاءِ عهد ڪيئن ٿيندو؟ سواءِ انهن جي جن سان توهان ڪعبت الله شريف وٽ عهد ڪيو آهي. پوءِ

عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۚ فَمَا اسْتَقَامُوْا لَكُمْ فَاسْتَقِيْمُوْا لَهُمْ ۗ

جيستائين (پنهنجي عهد تي) قائم رهن، توهان به انهن سان پنهنجي عهد تي قائم رهو. بيشڪ الله پرهيزگارن

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٧﴾ كَيْفَ وَاِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ لَا

کي پسند ڪري ٿو ﴿۷﴾ ڪيئن (انهن مشرڪن لاءِ امن جو عهد ٿي سگهي ٿو) ۽ جيڪڏهن اهي توهان تي غالب

يَرْقُبُوْا فِيْكُمْ اِلًّا وَّ لَا ذِمَّةً ؕ يُرْضُوْنَكُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ وَتَاْبٰى

ايندا تہ توهان جي باري ۾ ڪنهن بہ قسم جي مِٽي مائٽيءَ عهد جو ڪو بہ لحاظ نہ ڪندا. اهي پنهنجن واتن سان توهان کي
راضي ڪرڻ گهرن ٿا ۽ سندن دليون (توهان سان ڪيل انهيءَ عهد جي تڪميل کان) انڪار ڪري رهيون ۽ انهن مان اڪثر

قُلُوْبُهُمْ ۚ وَ اَكْثَرُهُمْ فٰسِقُوْنَ ٨ اِشْتَرَوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا

ماڻهو نافرمان آهن ٨ انهن الله تعاليٰ جي آيتن کي ٿورڙي مله تي وڪڻي ڇڏيو،

قَلِيْلًا فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِهٖ ؕ اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ٩

پوءِ (ماڻهن کي) الله جي رستي کان روڪيائون. جيڪي ڪم اهي ڪن ٿا، سي ڏاڍاڪي بڇڙا آهن ٩ (اهي

لَا يَرْقُبُوْنَ فِيْ مُؤْمِنٍ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُعْتَدُوْنَ ١٠

مشرڪ) ڪنهن مؤمن جي باري ۾ ڪنهن مِٽي مائٽيءَ ڪنهن عهد جوڪو لحاظ نٿا ڪن ۽ اهي حد کان لنگهيل آهن ١٠

فَاِنْ تَابُوْا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَاِخْوَانُكُمْ فِي

پوءِ جيڪڏهن (شرڪ کان) توبه ڪن ۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪوٰة ڏين تہ توهان جا ديني ڀائر آهن ۽ اسان

الدِّيْنِ ؕ وَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ١١ وَاِنْ نَّكَثُوْٓا

انهن ماڻهن لاءِ (قرآن مجيد جي) آيتن کي کولي بيان ڪريون ٿا، جيڪي ڄاڻن ٿا ١١ ۽ جيڪڏهن معاهدو ڪرڻ

اَيْمَانَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ عَهْدِهِمْ وَطَعَنُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ فَقَاتِلُوْٓا

کان پوءِ بہ اهي ان جي ڀڃڪڙي ڪن ۽ توهان جي دين ۾ طعني بازي ڪن تہ پوءِ ڪفر جي (انهن)

اَئِمَّةَ الْكُفْرِ ۙ اِنَّهُمْ لَآ اَيْمَانَ لَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَنْتَهُوْنَ ١٢ اَلَا

اڳواڻن سان وڙهو. سندن قسمن جو ڪو اعتبار نہ آهي. مَنَ اهي باز اچن ١٢ ڇا توهان انهن ماڻهن

تُقَاتِلُوْنَ قَوْمًا نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ وَهَمُّوْا بِاِخْرَاجِ الرَّسُوْلِ

سان نہ وڙهندا، جن پنهنجن قسمن جي ڀڃڪڙي ڪئي ۽ (مڪي مان) رسول (الله ﷺ جن) کي ڪڍڻ جو ارادو ڪيائون ۽

وَهُمْ بَدَءُوْكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ؕ اَتَخْشَوْنَهُمْ ۚ فَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ

انهن ئي توهان سان پهريون پيرو (دشمني) شروع ڪئي. ڇا توهان انهن کان ڊڄو ٿا؟ پوءِ الله وڌيڪ حقدار آهي تہ ان کان

تَخْشَوْهُ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ⑬ قَاتِلُوْهُمْ يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ بِاَيْدِيْكُمْ

ڊڄو، جيڪڏهن مؤمن آهيو⑬ ساڻن وڙهو، الله توهان جي هٿان (قتل جي ذريعي) کين عذاب ڏيندو ۽ (انهن کي قيد

وَيُخْزِهِمْ وَيَنْصُرْكُمْ عَلَيْهِمْ وَيَشْفِ صُدُوْرَ قَوْمٍ مُّؤْمِنِيْنَ ⑭ وَ

ڪرائي)، کين خوار خراب ڪندو ۽ سندن خلاف توهان جي مدد ڪندو ۽ مؤمن قوم جي دلين کي شفا بخشيندو⑭ ۽

يُذْهِبْ غَيْظَ قُلُوْبِهِمْ ؕ وَيَتُوْبُ اللّٰهُ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ

سندن دلين جي ڪاوڙ کي ختم ڪندو ۽ (مشرڪن مان) جنهن لاءِ گهرندو، (تنهن کي) توبه جي توفيق ڏيندو ۽

عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ⑮ اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تُتْرَكُوْا وَلَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ

الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ⑮ ڇا ڀانيو ٿا تہ توهان کي (جهاد کان سواءِ) ڇڏيو ويندو (۽ الله پنهنجي ڪمال حڪمت

جٰهَدُوْا مِنْكُمْ وَلَمْ يَتَّخِذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلَا رَسُوْلِهٖ وَلَا

سان توهان کي جدا نہ ڪندو؟) ۽ اڃا تہ الله ڄاتو ئي نہ آهي تہ توهان مان ڪنهن جهاد ڪيو ۽ ڪنهن الله ۽ سندس رسول

الْمُؤْمِنِيْنَ وَلِيْجَةً ؕ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ⑯ ع مَا كَانَ ع ٢ ٨

(ڪريم ﷺ) ۽ مؤمنن کان سواءِ ٻين کي رازدار ناهي بڻايو ۽ جيڪي عمل توهان ڪريو ٿا، الله انهن کان باخبر آهي ⑯

لِلْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يَّعْمُرُوْا مَسٰجِدَ اللّٰهِ شٰهِدِيْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ

مشرڪن کي نٿو ڄڳائي تہ پنهنجي ڪفر ۽ شرڪ جي شاهدي ڏيڻ جي باوجود، اهي الله جي مسجدن

بِالْكُفْرِ ؕ اُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ۚۖ وَفِى النَّارِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ⑰

جي اڏاوت ڪن. اهي ئي ماڻهو آهن، جن جا عمل ناس ٿي ويا ۽ اهي ئي سدائين دوزخ ۾ رهڻ وارا آهن ⑰

إِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَاَقَامَ

بيشڪ (بيت الله ۾ داخل ٿيڻ ۽ ان ۾ اعتڪاف ڪرڻ لاءِ) مسجدون تہ اهوئي شخص ٺاهيندو، جيڪو الله ۽ آخرت جي

الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ وَلَمْ يَخْشَ اِلَّا اللّٰهَ فَعَسٰٓى اُولٰٓئِكَ اَنْ

ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ۽ نماز قائم ڪري ٿو ۽ زڪوٰة ڏئي ٿو ۽ الله کان سواءِ ڪنهن کان نٿو ڊڄي.

يَّكُوْنُوْا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿١٨﴾ اَجَعَلْتُمْ سِقَايَةَ الْحَآجِّ وَعِمَارَةَ

پوءِ اميد آهي تہ اهي ماڻهو هدايت وارن مان ٿين ﴿١٨﴾ ڇا توهان حاجين جي پاڻي پيارڻ ۽ بيت الله شريف

الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ كَمَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَجٰهَدَ فِىْ

جي اڏاوت کي ان شخص جي عملن وانگر سمجهو ٿا، جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ۽ الله

سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ لَا يَسْتَوٗنَ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ

جي واٽ ۾ جهاد ڪري ٿو؟ ٻنهي قسمن جا ماڻهو الله تعاليٰ وٽ برابر نٿا ٿي سگهن ۽ الله تعاليٰ ظالم

الظّٰلِمِيْنَ ۘ ﴿١٩﴾ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِىْ سَبِيْلِ وقف لازم

قوم کي هدايت نٿو بخشي ﴿١٩﴾ جن هجرت ڪئي ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجين جانين ۽ پنهنجن مالن سان جهاد ڪيائون،

اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ۙ اَعْظَمُ دَرَجَةً عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاُولٰٓئِكَ

الله وٽ اهي (حاجين کي پاڻي پياريندڙن ۽ ڪعبت الله جي اڏاوت ڪندڙ ڪافرن جي ڀيٽ ۾) وڏي درجي وارا آهن ۽ اهي

هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿٢٠﴾ يُبَشِّرُهُمْ رَبُّهُمْ بِرَحْمَةٍ مِّنْهُ وَرِضْوَانٍ وَّجَنّٰتٍ

ئي ماڻهو ڪامياب آهن ﴿٢٠﴾ سندن ربّ کين پنهنجي رحمت ۽ رضامنديءَ ۽ انهن جنتن جي خوشخبري ڏئي ٿو،

لَّهُمْ فِيْهَا نَعِيْمٌ مُّقِيْمٌ ۙ ﴿٢١﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ

جن جون نعمتون قائم، دائم رهندڙ آهن ﴿٢١﴾ اهي انهن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن. بيشڪ الله تعاليٰ وٽ وڏو

اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٢﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْٓا اٰبَآءَكُمْ وَ

اجر آهي ﴿٢٢﴾ اي ايمان وارو! جيڪڏهن توهان جا پيئر ۽ توهان جا ڀائر ڪفر کي ايمان جي مقابلي ۾ پيارو

اِخْوَانَكُمْ اَوْلِيَآءَ اِنِ اسْتَحَبُّوا الْكُفْرَ عَلَى الْاِيْمَانِ ؕ وَمَنْ

رکن (تہ پوءِ) انهن کي پنهنجو دوست نہ بڻايو ۽ توهان مان جيڪي ماڻهو انهن (ڪافرن) سان دوستي رکندا تہ

يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٣﴾ قُلْ اِنْ كَانَ اٰبَآؤُكُمْ

پوءِ اهي ئي ماڻهو ظالم آهن ﴿٢٣﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ جيڪڏهن توهان جا پيئر ۽ توهان جا ڀائر ۽

وَاَبْنَآؤُكُمْ وَاِخْوَانُكُمْ وَاَزْوَاجُكُمْ وَعَشِيْرَتُكُمْ وَاَمْوَالُ ۨاقْتَرَفْتُمُوْهَا

توهان جون زالون ۽ توهان جا ڪٽنب ۽ قبيلا ۽ توهان جا مالَ، ملڪيتون، جيڪي توهان ڪمايو ٿا ۽ توهان جو واپار ۽

وَتِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَمَسٰكِنُ تَرْضَوْنَهَآ اَحَبَّ اِلَيْكُمْ

ڪاروبار جنهن جي خساري کان توهان ڊڄو ٿا ۽ توهان جون پسنديده جايون، توهان کي الله ۽ سندس رسول (ڪريم

مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَجِهَادٍ فِيْ سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ

ﷺ) ۽ سندس واٽ ۾ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ پياريون آهن تہ پوءِ (مڪي ۾) انتظار ڪريو، تانجو الله (فتح مڪي) جي باري

اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٤﴾ ع لَقَدْ نَصَرَكُمُ ٣/٩

۾ پنهنجو حڪم آڻي ۽ الله نافرمانن کي (سڌو) رستو نٿو وٺائي ﴿٢٤﴾ بيشڪ الله توهان کي گهڻن هنڌن تي مدد ڏني

اللّٰهُ فِيْ مَوَاطِنَ كَثِيْرَةٍ ۙ وَّيَوْمَ حُنَيْنٍ ۙ اِذْ اَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ

۽ حنين جي ڏينهن بہ (توهان کي) مدد (ڏنائين.) جڏهن توهان کي پنهنجي گهڻائيءَ (يعني ٻارهن هزارن جي

فَلَمْ تُغْنِ عَنْكُمْ شَيْـًٔا وَّضَاقَتْ عَلَيْكُمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ ثُمَّ

لشڪر) تي ناز هو. پوءِ ڪا بہ شيءِ توهان کي بچائي نہ سگهي ۽ زمين ڪشادگيءَ جي باوجود توهان تي تنگ

وَلَّيْتُمْ مُّدْبِرِيْنَ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ اَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَعَلَى

تي پٺي، پوءِ توهان پٺي ڦيرائي ڀڳا ﴿٢٥﴾ پوءِ الله تعاليٰ، پنهنجي رسول (ڪريم ﷺ جن تي) ۽ ايمان وارن

الْمُؤْمِنِيْنَ وَاَنْزَلَ جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا وَعَذَّبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ

تي پنهنجي تسلي لاٿي ۽ (فرشتن جا اهي) لشڪر لاٿائين، جن کي توهان نٿا ڏسو ۽ ڪافرن کي

وَذٰلِكَ جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٦﴾ ثُمَّ يَتُوْبُ اللّٰهُ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ عَلٰى

عذاب ڪيائين ۽ اهائي ڪافرن جي سزا آهي ﴿٢٦﴾ ان کان پوءِ الله تعاليٰ جنهن کي گهرندو، تنهن کي توبه

مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٧﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّمَا

جي توفيق ڏيندو ۽ الله مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿٢٧﴾ اي ايمان وارو! دراصل مشرڪ ناپاڪ آهن، پوءِ

الْمُشْرِكُوْنَ نَجَسٌ فَلَا يَقْرَبُوا الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ بَعْدَ عَامِهِمْ هٰذَا ۚ

هن سال کان بعد بيت الله شريف جي ويجهو نه اچن ۽ جيڪڏهن تنگدستيءَ (۽ سڃائيءَ) کان ڊڄو ٿا ته پوءِ

وَاِنْ خِفْتُمْ عَيْلَةً فَسَوْفَ يُغْنِيْكُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖٓ اِنْ شَآءَ ؕ

جيڪڏهن الله گهريو ته سگهوئي توهان کي پنهنجي فضل سان شاهوڪار (۽ بي پرواهه) ڪري ڇڏيندو. بيشڪ الله

اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٨﴾ قَاتِلُوا الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَلَا

ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ﴿٢٨﴾ اهل ڪتاب مان انهن ماڻهن سان وڙهو، جيڪي الله ۽ آخرت

بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَلَا يُحَرِّمُوْنَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَلَا

جي ڏينهن تي ايمان نٿا آڻين ۽ جن ڪمن کي الله ۽ سندس رسول (ڪريم ﷺ) حرام نهرايو آهي، تن کي

يَدِيْنُوْنَ دِيْنَ الْحَقِّ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ حَتّٰى يُعْطُوا

حرام نٿا نهرائين، ايستائين جو اهي (يعني يهودي ۽ عيسائي) پنهنجن هٿن سان پاڻ (توهان کي) جزيو

ع ١٥ الْجِزْيَةَ عَنْ يَّدٍ وَّهُمْ صٰغِرُوْنَ ﴿٢٩﴾ ع وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ عُزَيْرُ ابْنُ

ڏين ۽ اهي ذليل ٿي رهن ﴿٢٩﴾ ۽ يهودين چيو ته عزير (عليه السلام) الله جو پٽ آهي ۽ عيسائين چيو ته

اللّٰهِ وَقَالَتِ النَّصٰرَى الْمَسِيْحُ ابْنُ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ قَوْلُهُمْ

مسيح (عليه السلام) الله جو پٽ آهي، اهي سندن (ناپاڪ) واتن جون چيل ڳالهيون آهن. انهن ڪان

بِاَفْوَاهِهِمْ ۚ يُضَاهِـُٔوْنَ قَوْلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ ؕ قٰتَلَهُمُ اللّٰهُ ۚ

اڳ جيڪي ڪافر هئا، انهن جهڙي ڳالهه چون ٿا، انهن تي الله جي لعنت آهي، اهي (حقّ ڪان) ڪيڏانهن

اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٣٠﴾ اِتَّخَذُوْٓا اَحْبَارَهُمْ وَرُهْبَانَهُمْ اَرْبَابًا مِّنْ

ڦيرايا وڃن ٿا ﴿٣٠﴾ انهن پنهنجن عالمن ۽ پنهنجن درويشن ۽ مريم جي پٽ مسيح (عليه السلام) کي، الله جي بجاءِ

دُوْنِ اللّٰهِ وَالْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ ۚ وَمَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوْٓا اِلٰهًا

پنهنجو ربّ نهرايو، حالانڪ کين اهوئي حڪم ڏنو ويو آهي ته رڳو هڪ الله جي عبادت ڪن. انهيءَ کان سواءِ ڪو به

وَّاحِدًا ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ سُبْحٰنَهٗ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٣١﴾ يُرِيْدُوْنَ اَنْ

معبود نه آهي. جيڪو شرڪ اهي ڪري رهيا آهن، تنهن کان الله پاڪ آهي ﴿٣١﴾ چاهين ٿا ته پنهنجين ڦوڪن

يُّطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ وَيَاْبَى اللّٰهُ اِلَّآ اَنْ يُّتِمَّ نُوْرَهٗ وَلَوْ

سان الله جي نور کي وسائي ڇڏين ۽ الله تعاليٰ (هر حال ۾) پنهنجي نور کي پورو ڪندو، جيتوڻيڪ ڪافرن کي

كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٣٢﴾ هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ

ناپسند آهي ﴿٣٢﴾ اهو الله ئي آهي، جنهن پنهنجي رسول (ﷺ) کي هدايت ۽ سچو دين (يعني اسلام) ڏئي

النصف الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ۙ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ يٰٓاَيُّهَا

موڪليو، جيئن ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري، جيتوڻيڪ مشرڪن کي ناپسند آهي ﴿٣٣﴾ اي ايمان وارو!

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْاَحْبَارِ وَ الرُّهْبَانِ لَيَاْكُلُوْنَ

بيشڪ (ڪتاب وارن مان) گهڻا عالم ۽ درويش باطل (فتوائون ڏئي ۽ رشوت وٺي)، ماڻهن جا مالَ کائين

اَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ وَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ

ٿا ۽ (ماڻهن کي) الله جي واٽ (۽ حضرت محمد ﷺ جن) کان روڪين ٿا ۽ (قبلي وارن مان)

يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَ الْفِضَّةَ وَ لَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ

جيڪي ماڻهو سون ۽ چانديءَ کي گڏ ڪن ٿا ۽ ان کي الله جي واٽ ۾ خرچ نٿا ڪن، انهن کي هڪ

فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۳۴﴾ يَّوْمَ يُحْمٰى عَلَيْهَا فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ

ڏکوئيندڙ عذاب جي خوشخبري ڏي ﴿۳۴﴾ انهيءَ ڏينهن اهو سون ۽ چاندي (جنهن جي زڪوٰة نٿي ڏني وڃي)،

فَتُكْوٰى بِهَا جِبَاهُهُمْ وَ جُنُوْبُهُمْ وَ ظُهُوْرُهُمْ ؕ هٰذَا مَا

دوزخ ۾ تپائي سندن پيشانين ۽ سندن پاسن ۽ سندن پٺين کي ڏنبيو ويندو. (چيو ويندن ته)، هيءُ آهي (اهو

كَنَزْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ فَذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَكْنِزُوْنَ ﴿۳۵﴾ اِنَّ عِدَّةَ

مال)، جيڪو توهان پنهنجي لاءِ گڏ ڪيو آهي. پوءِ (مال ميڙڻ ۽ بخيلي ڪرڻ جو) مزو چکو ﴿۳۵﴾ بيشڪ جنهن

الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ يَوْمَ خَلَقَ

ڏينهن الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين کي خلقيو آهي، ان ڏينهن کان، الله جي ڪتاب (يعني لوح محفوظ) مطابق، الله

السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ مِنْهَآ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ۬

وٽ (سال جي) مهينن جو تعداد ٻارنهن آهي. جن مان چار (رجب، ذو القعدة، ذوالحج ۽ محرم) عزت وارا آهن. اهوئي

فَلَا تَظْلِمُوْا فِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ وَ قَاتِلُوا الْمُشْرِكِيْنَ كَآفَّةً كَمَا

صحيح دين (۽ سڌو حساب) آهي. پوءِ (عزت وارن مهينن) ۾ پاڻ تي ظلم نه ڪريو ۽ جيئن سڀ مشرڪ توهان سان

يُقَاتِلُوْنَكُمْ كَآفَّةً ؕ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۳۶﴾ اِنَّمَا

(گڏجي) وڙهن ٿا، تيئن توهان بہ سڀ ساڻن (گڏجي) وڙهو ۽ ڄاڻو تہ الله پرهيزگارن سان گڏ آهي ﴿۳۶﴾ تعظيم وارن

النَّسِیْٓءُ زِيَادَةٌ فِي الْكُفْرِ يُضَلُّ بِهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُحِلُّوْنَهٗ عَامًا

مهينن جو اڳتي پوئتي ڪرڻ، دراصل ڪفر ۾ واڌارو ڪرڻ آهي، جنهن سان انهن ماڻهن کي

وَّيُحَرِّمُوْنَهٗ عَامًا لِّيُوَاطِـُٔوْا عِدَّةَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ فَيُحِلُّوْا مَا

گمراهہ ڪيو وڃي ٿو، جن ڪفر ڪيو. اهي انهن (مهينن) کي هڪ سال لاءِ حلال ڪن ٿا ۽ هڪ سال لاءِ انهن

حَرَّمَ اللّٰهُ ؕ زُيِّنَ لَهُمْ سُوْٓءُ اَعْمَالِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ

کي حرام ڪن ٿا. سندن لاءِ عملن جي بڇڙائيءَ کي سينگاريو ويو آهي ۽ الله ڪافر قوم کي هدايت نہ ڪندو

الْكٰفِرِيْنَ ﴿۳۷﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَا لَكُمْ اِذَا قِيْلَ لَكُمُ انْفِرُوْا ع ۵ ۸

آهي ﴿۳۷﴾ اي ايمان وارو توهان کي ڇا ٿيو آهي، جڏهن توهان کي چئجي ٿو تہ الله جي واٽ ۾ (جهاد لاءِ) نڪرو تہ

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اثَّاقَلْتُمْ اِلَى الْاَرْضِ ؕ اَرَضِيْتُمْ بِالْحَيٰوةِ

زمين ۾ ڇُهتي پئو ٿا، (يعني گهرن ۾ ويهي رهڻ کي پسند ڪريو ٿا.) ڇا آخرت (يعني بهشت) جي ڀيٽ ۾

الدُّنْيَا مِنَ الْاٰخِرَةِ ۚ فَمَا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا فِي الْاٰخِرَةِ

دنياوي زندگيءَ کان راضي آهيو؟ پوءِ آخرت (جي ڀيٽ) ۾ دنياوي زندگي ٿورڙي سامان کان سواءِ ڪجهہ

اِلَّا قَلِيْلٌ ﴿۳۸﴾ اِلَّا تَنْفِرُوْا يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ وَّيَسْتَبْدِلْ

بہ نہ آهي ﴿۳۸﴾ جيڪڏهن (پيغمبر ﷺ سان گڏجي) الله جي راهہ ۾ نہ نڪرندا تہ توهان کي (ڏڪار ۽ سختين وسيلي) ڏکوئيندڙ

قَوْمًا غَيْرَكُمْ وَلَا تَضُرُّوْهُ شَيْـًٔا ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۳۹﴾

عذاب ڏيندو ۽ توهان جي جاءِ تي ٻي قوم کي آڻيندو ۽ توهان کيس ڪجهہ نقصان نہ ڏيندا ۽ الله هر شيءِ تي وس وارو آهي ﴿۳۹﴾

اِلَّا تَنْصُرُوْهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللّٰهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ثَانِيَ

جيڪڏهن توهان (حضرت محمد ﷺ جن جي) مدد نه ڪئي ته پوءِ بيشڪ الله سندس مدد ڪئي آهي، جڏهن ڪين ڪافرن

اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ

(مڪي شريف مان) ڪڍيو. جڏهن (حضرت محمد ﷺ ۽ ابوبڪر رضي الله عنه) ٻنهي غار (ثور) ۾ پناه ورتي. جڏهن پاڻ پنهنجي

اللّٰهَ مَعَنَا ۚ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلَيْهِ وَاَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ

ساٿيءَ کي فرمائي رهيا هئا ته غم نه ڪر، بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي. پوءِ الله (ابوبڪر رضي الله عنه تي) پنهنجو آرام لاٿو ۽ هڪ

تَرَوْهَا وَجَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِيْنَ كَفَرُوا السُّفْلٰى ؕ وَكَلِمَةُ اللّٰهِ

لشڪر جي ذريعي پيغمبر جي مدد ڪيائين، جنهن کي توهان نٿا ڏسو ۽ ڪافرن جي ڳالهه (يعني رٿ) کي ناڪام ڪيائين ۽ الله

هِيَ الْعُلْيَا ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ۝٤٠ اِنْفِرُوْا خِفَافًا وَّثِقَالًا وَّ

جو ڪلمو (لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ) ئي مٿانهون آهي ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي ﴿٤٠﴾ هلڪا هجو يا ڳرا (يعني جوان

جَاهِدُوْا بِاَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكُمْ

هجو يا پوڙها، پيادا هجو يا سوار) الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين سان (حضرت سيد الرسل ﷺ جن جي

خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝٤١ لَوْ كَانَ عَرَضًا قَرِيْبًا وَّسَفَرًا

اڳواڻيءَ ۾) جهاد لاءِ نڪرو، اهو توهان جو (نڪرڻ) توهان لاءِ چڱو آهي، جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا ﴿٤١﴾ جيڪڏهن (غزوه تبوڪ

قَاصِدًا لَّاتَّبَعُوْكَ وَلٰكِنْۢ بَعُدَتْ عَلَيْهِمُ الشُّقَّةُ ؕ وَ

جون) غنيمتون ويجهيون ۽ سفر سولو هجي ها ته ضرور (منافق) توسان گڏجي هلن ها ۽ پر مٿن پنڌ پري ٿي پيو ۽ سگهو ئي الله

سَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَوِ اسْتَطَعْنَا لَخَرَجْنَا مَعَكُمْ ۚ يُهْلِكُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ۚ

جا قسم کڻندا ته جيڪڏهن سگهه رکون ها ته ضرور توهان سان گڏجي نڪرون ها. (ڪوڙ ڳالهائي ۽ منافقت اختيار ڪري) پاڻ کي

وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۴۲﴾ عَفَا اللّٰهُ عَنْكَ ۚ لِمَ اَذِنْتَ لَهُمْ ع ۵ ۱۲

هلاڪ ڪن ٿا ۽ الله ڄاڻي ٿو ته بيشڪ اهي ڪوڙا آهن ﴿۴۲﴾ (اي محمّد ﷺ!) الله توهان کي معاف ڪيو، توهان ڪين (پوئتي رهڻ جي)

حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَتَعْلَمَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۴۳﴾ لَا يَسْتَاْذِنُكَ

اجازت ڇو ڏني، تانجو توهان تي چڱيءَ طرح پڌرا ٿين (اهي معذور مسلمان) جن سچ ڳالهايو ۽ ڪوڙن کي به ڄاڻين ﴿۴۳﴾ جن

الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ

الله ۽ آخرت جي ڏينهن کي مڃيو، اهي تو کان پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين سان جهاد ڪرڻ جي اجازت نٿا گهرن

وَاَنْفُسِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿۴۴﴾ اِنَّمَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ

۽ الله پرهيزگارن (جي حال) کي ڄاڻندڙ آهي ﴿۴۴﴾ بيشڪ توکان اجازت اهي ٿي ماڳهو گهري رهيا آهن، جيڪي

لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَارْتَابَتْ قُلُوْبُهُمْ فَهُمْ فِيْ

الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نٿا رکن ۽ سندن دلين ۾ شڪ آهي. پوءِ اهي پنهنجي شڪ ۾

رَيْبِهِمْ يَتَرَدَّدُوْنَ ﴿۴۵﴾ وَلَوْ اَرَادُوا الْخُرُوْجَ لَاَعَدُّوْا لَهٗ عُدَّةً

حيران (۽ پريشان) رهندا آهن ﴿۴۵﴾ ۽ جيڪڏهن (جهاد تي) نڪرڻ جو ارادو ڪن ها ته ضرور ان لاءِ سامان تيار ڪن ها ۽ پر الله

وَّلٰكِنْ كَرِهَ اللّٰهُ انْۢبِعَاثَهُمْ فَثَبَّطَهُمْ وَقِيْلَ اقْعُدُوْا مَعَ

سندن نڪرڻ کي پسند نه ڪيو، پوءِ کين سست ڪري ڇڏيائين ۽ (سندن پليت دلين ۾) هيءَ ڳالهه وڌي وئي ته ويهي رهندڙن

الْقٰعِدِيْنَ ﴿۴۶﴾ لَوْ خَرَجُوْا فِيْكُمْ مَّا زَادُوْكُمْ اِلَّا خَبَالًا وَّلَاَاوْضَعُوْا

سان گڏجي ويهي رهو ﴿۴۶﴾ جيڪڏهن توهان سان گڏجي نڪرن ها ته توهان ۾ خرابي وجهڻ (۽ شرارت ڪرڻ) کان سواءِ ڪجهه نه

خِلٰلَكُمْ يَبْغُوْنَكُمُ الْفِتْنَةَ ۚ وَفِيْكُمْ سَمّٰعُوْنَ لَهُمْ ؕ وَاللّٰهُ

ڪن ها ۽ ضرور توهان ۾ فتني بازي (۽ اختلاف ۽ سستي) پيدا ڪرڻ لاءِ ڏڪ ڏوڙ ڪن ها ۽ توهان ۾ سندن ڪي جاسوس آهن ۽ الله

عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٧﴾ لَقَدِ ابْتَغَوُا الْفِتْنَةَ مِنْ قَبْلُ وَ قَلَّبُوْا

ظالمن کي ڄاڻندڙ آهي ﴿٤٧﴾ بيشڪ ان کان اڳ (ليلة العقبيٰ) ۾ به فتنو ڦهلائڻ جي فڪر ۾ هئا ۽ تنهنجي لاءِ معاملن ۾ مونجهارا

لَكَ الْاُمُوْرَ حَتّٰى جَآءَ الْحَقُّ وَ ظَهَرَ اَمْرُ اللّٰهِ وَ هُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٤٨﴾

پيدا ڪيائون، تانجو حقّ آيو ۽ الله جو حڪم ظاهر ٿيو ۽ اهي (توهان جي فتح جي حڪم خداونديءَ کي) پسند ڪندڙ نه هئا ﴿٤٨﴾

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ ائْذَنْ لِّيْ وَلَا تَفْتِنِّيْ ؕ اَلَا فِي الْفِتْنَةِ

۽ (جدّ بن قيس منافق) چوي ٿو ته مون کي اجازت ڏي (ته جنگ تي نه هلان) ۽ مون کي فتني ۾ نه وجهه. ٻڌو! اهي (پاڻ منافقت ۽

سَقَطُوْا ؕ وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿٤٩﴾ اِنْ تُصِبْكَ

مخالفتِ رسول ﷺ سبب) فتني ۾ وجهي ڪريا آهن ۽ بيشڪ جهنم ڪافرن کي وڪوڙي ورتو آهي ﴿٤٩﴾ جيڪڏهن توکي ڪا ڀلائي

حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۚ وَاِنْ تُصِبْكَ مُصِيْبَةٌ يَّقُوْلُوْا قَدْ اَخَذْنَآ

(يعني نيڪي ۽ مدد ۽ غنيمت) پهچي ٿي ته کين رنج ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن توکي ڪا مصيبت (۽ شڪست) پهچي ٿي ته چون ٿا ته

اَمْرَنَا مِنْ قَبْلُ وَيَتَوَلَّوْا وَّهُمْ فَرِحُوْنَ ﴿٥٠﴾ قُلْ لَّنْ

بيشڪ (هوشياري ڪندي) اڳي ئي پنهنجو معاملو سنڀالي ورتو سون ۽ خوشيون ڪندي موٽن ٿا ﴿٥٠﴾ (اي رسولن جا سردار ﷺ!)

يُّصِيْبَنَآ اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَا ۚ هُوَ مَوْلٰىنَا ۚ وَعَلَى اللّٰهِ

فرماءِ ته اسان کي رڳو اها ئي (مصيبت) پهچندي، جيڪا اسان لاءِ الله لکي آهي. اهو ئي اسان جو محافظ ۽ مددگار آهي ۽

فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿٥١﴾ قُلْ هَلْ تَرَبَّصُوْنَ بِنَآ اِلَّآ اِحْدَى

مؤمنن کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي ﴿٥١﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته اسان جي باري ۾ توهان ٻن ڀلائين (يعني فتح يا شهادت)

الْحُسْنَيَيْنِ ؕ وَنَحْنُ نَتَرَبَّصُ بِكُمْ اَنْ يُّصِيْبَكُمُ اللّٰهُ بِعَذَابٍ

مان هڪ جو انتظار ڪريو ٿا ۽ اسين توهان جي باري ۾ انتظار ڪريون ٿا ته الله توهان تي پنهنجي طرفان ڪو عذاب آڻي يا اسان

مِّنْ عِنْدِهٖٓ اَوْ بِاَيْدِيْنَا ۖ فَتَرَبَّصُوْٓا اِنَّا مَعَكُمْ مُّتَرَبِّصُوْنَ ﴿٥٢﴾

جي هٿان (توهان کي عذاب ڏي)، پوءِ انتظار ڪريو، بيشڪ اسين بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيون ﴿٥٢﴾

قُلْ اَنْفِقُوْا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا لَّنْ يُّتَقَبَّلَ مِنْكُمْ ۭ اِنَّكُمْ كُنْتُمْ

(اي محمد ﷺ! منافقن کي) فرماءِ تہ خوشيءَ سان مال خرچ ڪريو يا نا خوشيءَ سان، هرگز توهان کان قبول نہ

قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٥٣﴾ وَمَا مَنَعَهُمْ اَنْ تُقْبَلَ مِنْهُمْ نَفَقٰتُهُمْ اِلَّآ

ڪيو ويندو، بيشڪ توهين نافرمان ماڻهو آهيو ﴿٥٣﴾ ۽ انهن کان سندن خرچ ڪيل مالن کي قبول ڪرڻ کان رڳو

اَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَبِرَسُوْلِهٖ وَلَا يَاْتُوْنَ الصَّلٰوةَ اِلَّا وَ

هيءَ ڳالهہ روڪي ٿي، تہ انهن الله ۽ سندس رسول (ﷺ) جو ڪفر ڪيو ۽ سستيءَ جي حالت ۾ نماز تي

هُمْ كُسَالٰى وَلَا يُنْفِقُوْنَ اِلَّا وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٥٤﴾ فَلَا تُعْجِبْكَ

اچن ٿا ۽ (الله جي واٽ ۾) مال بہ رڳو ڪراهت (۽ ناپسنديءَ) سان خرچ ڪن ٿا ﴿٥٤﴾ پوءِ انهن جا مال ۽ انهن جو

اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ ۭ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ بِهَا فِى

اولاد تو کي تعجب ۾ نہ وجهن. دراصل الله گهري ٿو تہ انهن جي ذريعي کين دنيا جي زندگيءَ ۾ بہ

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَيَحْلِفُوْنَ

سزا ڏي ۽ سندن (پليت) جانيون هن حالت ۾ ٻاهر نڪرن جو اهي ڪافر هجن ﴿٥٥﴾ ۽ الله جا قسم کڻي چون

بِاللّٰهِ اِنَّهُمْ لَمِنْكُمْ ۭ وَمَا هُمْ مِّنْكُمْ وَلٰكِنَّهُمْ قَوْمٌ يَّفْرَقُوْنَ ﴿٥٦﴾

ٿا تہ بيشڪ اهي توهان مان آهن، ۽ اهي توهان مان نہ آهن، پر اهي ڊڄڻا ماڻهو آهن ﴿٥٦﴾

لَوْ يَجِدُوْنَ مَلْجَاً اَوْ مَغٰرٰتٍ اَوْ مُدَّخَلًا لَّوَلَّوْا اِلَيْهِ وَهُمْ

جيڪڏهن پناه جو ڪو هنڌ (يعني قلعو وغيره) يا غار يا اندر داخل ٿيڻ جي جاءِ (يعني سرنگ وغيره) لهندا تہ ان

يَجْمَحُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّلْمِزُكَ فِى الصَّدَقٰتِ ۚ فَاِنْ اُعْطُوْا

طرف ڀڄندا ﴿٥٧﴾ ۽ انهن مان ڪي تو ڪي صدقات (۽ خير خيرات جي ورهاست) بابت طعنا ڏين ٿا (تہ ڪن ڪي ڏيو ٿا ۽ ڪن ڪي نٿا

مِنْهَا رَضُوْا وَاِنْ لَّمْ يُعْطَوْا مِنْهَآ اِذَا هُمْ يَسْخَطُوْنَ ﴿٥٨﴾ وَلَوْ

ڏيو.) پوءِ جيڪڏهن انهن مان ڪين ڏجي تو تہ راضي ٿين ٿا ۽ جيڪڏهن ڪين نٿو ڏجي تہ ان وقت ناراض ٿين ٿا ﴿٥٨﴾ ۽ جيڪڏهن الله ۽

اَنَّهُمْ رَضُوْا مَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ ۙ وَقَالُوْا حَسْبُنَا

سندس رسول (ڪريم ﷺ) جي بخشش تي راضي رهن ها ۽ چون ها تہ اسان لاءِ الله ڪافي آهي، سگهوئي الله ۽ سندس رسول

اللّٰهُ سَيُؤْتِيْنَا اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ وَرَسُوْلُهٗٓ ۙ اِنَّآ اِلَى اللّٰهِ

(ڪريم ﷺ) اسان کي پنهنجي فضل مان عطا فرمائيندو. بيشڪ اسين الله ڏانهن رغبت رکندڙ آهيون (تہ اها ڳالهہ سندن لاءِ

رٰغِبُوْنَ ﴿٥٩﴾ ع اِنَّمَا الصَّدَقٰتُ لِلْفُقَرَآءِ وَالْمَسٰكِيْنِ وَالْعٰمِلِيْنَ ع ١٧ ١٣

چڱي هئي) ﴿٥٩﴾ دراصل صدقات (هنن ماڻهن لاءِ) آهن: فقيرن لاءِ (جيڪي سوال نٿا ڪن) ۽ مسڪينن لاءِ (جيڪي سوال ڪن ٿا) ۽

عَلَيْهَا وَالْمُؤَلَّفَةِ قُلُوْبُهُمْ وَفِى الرِّقَابِ وَالْغٰرِمِيْنَ وَفِيْ

زڪوٰة وصول ڪندڙ عملدارن لاءِ ۽ (ماڻهن جي دلين ۾ اسلام لاءِ) نرمي پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ ٻانهن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ۽ قرضين لاءِ ۽

سَبِيْلِ اللّٰهِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ؕ فَرِيْضَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ

الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندڙن لاءِ ۽ مسافرن لاءِ . اهو الله جو مقرر ڪيل فرض آهي ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو

حَكِيْمٌ ﴿٦٠﴾ وَمِنْهُمُ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ النَّبِىَّ وَيَقُوْلُوْنَ هُوَ اُذُنٌ ؕ

آهي ﴿٦٠﴾ ۽ منافقن مان ڪي (ڏک ڏيندڙ ڳالهين جي ذريعي) نبي (ڪريم ﷺ جن) کي ايذائين ٿا ۽ چون ٿا تہ پاڻ پر ٻڌڙيو

قُلْ اُذُنُ خَيْرٍ لَّكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَيُؤْمِنُ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَرَحْمَةٌ

يعني هر هڪ جي ڳالهہ ٻڌندڙ آهي. فرماءِ تہ سيني جي ڳالهہ ٻڌندڙ توهان لاءِ ڀلارو آهي. الله تي ايمان رکي ٿو ۽ مؤمنن

لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مِنۡكُمۡ‌ؕ وَالَّذِيۡنَ يُؤۡذُوۡنَ رَسُوۡلَ اللّٰهِ

جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ توهان مان جن ايمان آندو، تن لاءِ رحمت آهي ۽ جيڪي ماڻهو الله جي رسول (ﷺ) کي ايذائين ٿا، تن

لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿٦١﴾ يَحۡلِفُوۡنَ بِاللّٰهِ لَكُمۡ لِيُرۡضُوۡكُمۡ‌ۚ

لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿٦١﴾ توهان وٽ (سندن جيڪي ڳالهيون پهچن ٿيون، تن جي ترديد ڪرڻ لاءِ) الله جا قسم ڪڻن ٿا، جيئن

وَاللّٰهُ وَرَسُوۡلُهٗۤ اَحَقُّ اَنۡ يُّرۡضُوۡهُ اِنۡ كَانُوۡا مُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٦٢﴾ الثلثة

توهان کي راضي ڪن ۽ الله ۽ سندس رسول (ڪريم ﷺ) وڌيڪ حقدار آهن ته انهن کي راضي ڪن، جيڪڏهن اهي مؤمن آهن ﴿٦٢﴾

اَلَمۡ يَعۡلَمُوۡۤا اَنَّهٗ مَنۡ يُّحَادِدِ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ فَاَنَّ لَهٗ

ڇا نٿا ڄاڻن ته شان اهو آهي ته جيڪو به شخص الله ۽ سندس رسول (ﷺ) جي مخالفت ڪندو ته بيشڪ سندس لاءِ دوزخ

نَارَ جَهَنَّمَ خَالِدًا فِيۡهَا‌ؕ ذٰلِكَ الۡخِزۡىُ الۡعَظِيۡمُ ﴿٦٣﴾ يَحۡذَرُ

جي باهه آهي، منجهس سدائين رهڻ وارو آهي، اها ئي وڏي خواري آهي ﴿٦٣﴾ منافق ڊڄن ٿا ته

الۡمُنٰفِقُوۡنَ اَنۡ تُنَزَّلَ عَلَيۡهِمۡ سُوۡرَةٌ تُنَبِّئُهُمۡ بِمَا فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ‌ؕ

متان سندن خلاف ڪا سورت (سڳوري) لهي، جيڪا سندن دلين جي (حسد ۽ دشمنيءَ) کي ظاهر ڪري. فرماءِ ته ٺٺوليون

قُلِ اسۡتَهۡزِءُوۡا‌ۚ اِنَّ اللّٰهَ مُخۡرِجٌ مَّا تَحۡذَرُوۡنَ ﴿٦٤﴾ وَلَئِنۡ سَاَلۡتَهُمۡ

ڪري وٺو، بيشڪ جن ڳالهين کان توهان ڊڄو ٿا، انهن کي الله ظاهر ڪندڙ آهي ﴿٦٤﴾ ۽ جيڪڏهن انهن کان پڇندين ته ضرور

لَيَقُوۡلُنَّ اِنَّمَا كُنَّا نَخُوۡضُ وَنَلۡعَبُ‌ؕ قُلۡ اَبِاللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ وَرَسُوۡلِهٖ

چوندا ته اسين ته ٺٺوليون ۽ کل ڀوڳ ڪري رهيا هئاسون. فرماءِ ته ڇا الله ۽ سندس آيتن ۽ سندس رسول (ڪريم ﷺ) سان

كُنۡتُمۡ تَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿٦٥﴾ لَا تَعۡتَذِرُوۡا قَدۡ كَفَرۡتُمۡ بَعۡدَ اِيۡمَانِكُمۡ‌ؕ

ٺٺوليون ڪريو ٿا؟ ﴿٦٥﴾ بهانا نه ڪريو، بيشڪ ايمان آڻڻ کان پوءِ توهان (ظاهر ظهور) ڪفر ڪري چڪا آهيو. جيڪڏهن اسان

إِنْ نَّعْفُ عَنْ طَآئِفَةٍ مِّنْكُمْ نُعَذِّبْ طَآئِفَةًۢ بِاَنَّهُمْ

توهان مان هڪڙي ٽوليءَ کي معاف ڪنداسون ته ٻي ٽوليءَ کي عذاب ڪنداسون، ڇاڪاڻ ته اهي ڏوهاري آهن ﴿٦٦﴾ منافق

ع ٨ كَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿٦٦﴾ اَلْمُنٰفِقُوْنَ وَالْمُنٰفِقٰتُ بَعْضُهُمْ مِّنْۢ

مرد ۽ منافق عورتون هڪ ٻئي مان (يعني هڪڙي دين تي) آهن. برائيءَ (۽ ڪفر) جو حڪم

وقف لازم بَعْضٍ ۘ يَاْمُرُوْنَ بِالْمُنْكَرِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمَعْرُوْفِ وَ

ڪن ٿا ۽ نيڪي (۽ ايمان) کان روڪين ٿا ۽ (خير خيرات ڏيڻ کان) پنهنجن هٿن کي روڪين ٿا. انهن الله

يَقْبِضُوْنَ اَيْدِيَهُمْ ؕ نَسُوا اللّٰهَ فَنَسِيَهُمْ ؕ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ هُمُ

تعاليٰ کي وساري ڇڏيو، پوءِ الله انهن کي وساري ڇڏيو. بيشڪ منافق ئي الله جي فرمان کان

الْفٰسِقُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَعَدَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْكُفَّارَ

نڪرڻ وارا آهن ﴿٦٧﴾ الله تعاليٰ منافق مردن ۽ منافق عورتن ۽ ڪافرن سان دوزخ جي باهه جو وعدو ڪيو

نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ هِيَ حَسْبُهُمْ ۚ وَلَعَنَهُمُ اللّٰهُ ۚ

آهي، سدائين منجهس رهڻ وارا آهن. اها (يعني جهنم جي سزا) سندن لاءِ ڪافي آهي ۽ الله مٿن لعنت ڪئي

وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿٦٨﴾ كَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ كَانُوْٓا اَشَدَّ

آهي ۽ سندن لاءِ دائمي عذاب آهي ﴿٦٨﴾ انهن ماڻهن وانگر جيڪي توهان کان اڳ ۾ هئا. اهي توهان کان

مِنْكُمْ قُوَّةً وَّاَكْثَرَ اَمْوَالًا وَّاَوْلَادًا ؕ فَاسْتَمْتَعُوْا بِخَلَاقِهِمْ

وڌيڪ طاقتور ۽ مال، دولت ۽ اولاد ۾ گهڻا هئا. پوءِ انهن پنهنجي نصيب مان فائدو ورتو ۽ توهان به پنهنجي

فَاسْتَمْتَعْتُمْ بِخَلَاقِكُمْ كَمَا اسْتَمْتَعَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ

نصيب مان فائدو ورتو، جيئن انهن پنهنجي نصيب مان فائدو ورتو، جيڪي توهان کان اڳ ۾ هئا. (اهي آخرت جي

بِخَلَاقِهِمۡ وَخُضۡتُمۡ كَالَّذِىۡ خَاضُوۡاؕ اُولٰٓـئِكَ حَبِطَتۡ

بجاءِ دنيا جي نصيب تي راضي رهيا) ۽ جيئن اهي بيڪار ڳالهين ۾ مشغول رهندا هئا، تيئن توهان بہ بيڪار ڳالهين ۾

اَعۡمَالُهُمۡ فِى الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةِ‌ۚ وَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿۶۹﴾

مشغول رهو ٿا. اهي ئي ماڻهو آهن، جن جا عملَ دنيا ۽ آخرت (ٻنهي جهانن) ۾ ڇٽي ويا ۽ اهي ئي نقصان وارا آهن ﴿۶۹﴾

اَلَمۡ يَاۡتِهِمۡ نَبَاُ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ قَوۡمِ نُوۡحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوۡدَ ۙ

ڇا انهن (منافقن ۽ ڪافرن) وٽ اڳين قومن، يعني قوم نوح (عليه السلام) ۽ قوم عاد ۽ قوم ثمود ۽ قوم ابراهيم

وَقَوۡمِ اِبۡرٰهِيۡمَ وَاَصۡحٰبِ مَدۡيَنَ وَالۡمُؤۡتَفِكٰتِ‌ؕ اَتَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ

(عليه السلام) ۽ مدين جي ساٿين ۽ انهن ڳوٺن جون خبرون نہ آيون، جن کي اونڌو ڪيو ويو.

بِالۡبَيِّنٰتِ‌ۚ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظۡلِمَهُمۡ وَلٰـكِنۡ كَانُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ

وٽن سندن رسول پڌرن معجزن سان آيا، (پر انهن نہ مڃيو) پوءِ الله مٿن ظلم نہ ڪيو ۽ پر اهي پاڻ تي پاڻ

يَظۡلِمُوۡنَ ﴿۷۰﴾ وَالۡمُؤۡمِنُوۡنَ وَالۡمُؤۡمِنٰتُ بَعۡضُهُمۡ اَوۡلِيَآءُ بَعۡضٍ‌ۘ

وقف لازم

ظلم ڪندا هئا ﴿۷۰﴾ ۽ مؤمن مرد ۽ مؤمن عورتون هڪ ٻئي جا ساٿي آهن. نيڪيءَ جو حڪم ڪن ٿا ۽

يَاۡمُرُوۡنَ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَيَنۡهَوۡنَ عَنِ الۡمُنۡكَرِ وَيُقِيۡمُوۡنَ الصَّلٰوةَ

برائي کان روڪين ٿا ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوٰة ڏين ٿا ۽ الله ۽ سندس رسول (ﷺ) جي تابعداري

وَيُؤۡتُوۡنَ الزَّكٰوةَ وَيُطِيۡعُوۡنَ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ‌ؕ اُولٰٓـئِكَ سَيَرۡحَمُهُمُ

ڪن ٿا. اهي ئي ماڻهو آهن، جن تي الله تعاليٰ سگهوئي رحم (۽ ڪرم) فرمائيندو، بيشڪ

اللّٰهُ‌ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ ﴿۷۱﴾ وَعَدَ اللّٰهُ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَ

الله غالب، حڪمت وارو آهي ﴿۷۱﴾ الله تعاليٰ مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن سان جنتن جو وعدو

الۡمُؤۡمِنٰتِ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا

ڪيو آهي، جن جي (وٽن ۾ محلات جي) هيٺان نهرون وهي رهيون آهن، منجهن سدائين رهڻ

وَمَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِىۡ جَنّٰتِ عَدۡنٍ‌ؕ وَرِضۡوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكۡبَرُ‌ؕ

وارا آهن ۽ هميشه رهندڙ جنتن ۾ سندن لاءِ پاڪ جايون آهن ۽ الله جي رضا سڀ کان وڏي شيءِ

ع ٩ ٥ ذٰلِكَ هُوَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ﴿٧٢﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّبِىُّ جَاهِدِ الۡكُفَّارَ

آهي، اهائي اُها وڏي ڪاميابي آهي ﴿٧٢﴾ اي نبي (محمد مصطفيٰ ﷺ!) ڪافرن سان (تلوار جي ذريعي)

وَالۡمُنٰفِقِيۡنَ وَاغۡلُظۡ عَلَيۡهِمۡ‌ؕ وَمَاۡوٰٮهُمۡ جَهَنَّمُ‌ؕ وَبِئۡسَ

جهاد ڪر ۽ (دليل ۽ نرمي ۽ صلح ڪي ڇڏي)، منافقن تي سختي ڪر ۽ سندن ماڳ جهنم آهي ۽ اها موٽڻ جي ڏادي

الۡمَصِيۡرُ ﴿٧٣﴾ يَحۡلِفُوۡنَ بِاللّٰهِ مَا قَالُوۡا ؕ وَلَقَدۡ قَالُوۡا كَلِمَةَ الۡكُفۡرِ

بڇڙي جاءِ آهي ﴿٧٣﴾ (منافق) الله جو قسم کڻن ٿا ته (ڪفر جو ڪلمو) نه چيو اٿن ۽ ڪفر جو ڪلمو چيو اٿن (۽ انهن نبي ڪريم

وَكَفَرُوۡا بَعۡدَ اِسۡلَامِهِمۡ وَهَمُّوۡا بِمَا لَمۡ يَنَالُوۡا‌ ۚ وَمَا نَقَمُوۡۤا اِلَّاۤ

ﷺ جي خلاف نفرت ظاهر ڪئي ۽ دين ۾ عيب ڪڍيائون) ۽ اسلام آڻڻ کان پوءِ ڪفر ڪيائون ۽ (پاڻ سڳورن جي قتل جو

اَنۡ اَغۡنٰٮهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوۡلُهٗ مِنۡ فَضۡلِهٖ‌ ۚ فَاِنۡ يَّتُوۡبُوۡا يَكُ

ناپاڪ) ارادو ڪيائون، جنهن ۾ ڪامياب نه ٿيا ۽ رڳو هن ڪري بدلو ورتائون جو الله ۽ سندس رسول (ڪريم ﷺ) پنهنجو

خَيۡرًا لَّهُمۡ‌ ۚ وَاِنۡ يَّتَوَلَّوۡا يُعَذِّبۡهُمُ اللّٰهُ عَذَابًا اَلِيۡمًا ۙ فِى

فضل (يعني غنيمت ۽ خون بها ڏئي) ڪين شاهوڪار ڪيو. پوءِ جيڪڏهن توبه ڪن ته سندن لاءِ چڱو ٿيندو ۽ جيڪڏهن منهن

الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةِ‌ ۚ وَمَا لَهُمۡ فِى الۡاَرۡضِ مِنۡ وَّلِىٍّ وَّلَا نَصِيۡرٍ ﴿٧٤﴾

موڙيندا ته الله دنيا ۽ آخرت ۾ ڪين ڏکوئيندڙ عذاب ڏيندو ۽ سندن لاءِ زمين ۾ ڪو دوست ۽ ڪو مددگار نه آهي ﴿٧٤﴾

وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ عٰهَدَ اللّٰهَ لَئِنۡ اٰتٰنَا مِنۡ فَضۡلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَ

۽ انهن مان ڪن (منافقن) الله تعاليٰ سان عهد ڪيو تہ جيڪڏهن اسان ڪي پنهنجي فضل مان ڏنائين تہ ضرور خير

لَنَكُوۡنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيۡنَ ﴿۷۵﴾ فَلَمَّاۤ اٰتٰىهُمۡ مِّنۡ فَضۡلِهٖ بَخِلُوۡا

خيرات ڪنداسون ۽ ضرور نيڪن مان ٿينداسون ﴿۷۵﴾ پوءِ جڏهن کين پنهنجي فضل مان (مال) ڏنائين تہ ان ۾

بِهٖ وَ تَوَلَّوۡا وَّهُمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ ﴿۷۶﴾ فَاَعۡقَبَهُمۡ نِفَاقًا فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ اِلٰى

بخيلي ڪيائون ۽ منهن موڙيائون ۽ اهي آهن ئي منهن موڙيندڙ ماڻهو ﴿۷۶﴾ پوءِ سندن وعدي جي ڀڃڪڙي ۽ ڪوڙ

يَوۡمِ يَلۡقَوۡنَهٗ بِمَاۤ اَخۡلَفُوا اللّٰهَ مَا وَعَدُوۡهُ وَبِمَا كَانُوۡا

ڳالهائڻ سبب الله تعاليٰ سندن دلين ۾ قيامت جي ڏينهن تائين نفاق وجهي ڇڏيو (تہ جيئن اهي توبہ جي

يَكۡذِبُوۡنَ ﴿۷۷﴾ اَلَمۡ يَعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُ سِرَّهُمۡ وَنَجۡوٰىهُمۡ وَاَنَّ

سعادت کان محروم رهن.) ﴿۷۷﴾ ڇا نٿا ڄاڻن تہ الله سندن ڳجهيون ڳالهيون ۽ ڳجهيون صلاحون بہ ڄاڻي ٿو ۽

اللّٰهَ عَلَّامُ الۡغُيُوۡبِ ﴿۷۸﴾ اَلَّذِيۡنَ يَلۡمِزُوۡنَ الۡمُطَّوِّعِيۡنَ مِنَ

هيءُ تہ الله ڳجهن جو ڄاڻندڙ آهي ﴿۷۸﴾ اهي (منافق) جيڪي خوشيءَ سان صدقو ڏيندڙ مؤمنن ۽ انهن

الۡمُؤۡمِنِيۡنَ فِى الصَّدَقٰتِ وَالَّذِيۡنَ لَا يَجِدُوۡنَ اِلَّا جُهۡدَهُمۡ

ماڻهن جي صدقن ۾ عيب ڪڍن ٿا، جن وٽ محنت مزدوريءَ کان سواءِ ڪا شيءِ نہ آهي. پوءِ ساڻن

فَيَسۡخَرُوۡنَ مِنۡهُمۡ‌ؕ سَخِرَ اللّٰهُ مِنۡهُمۡ وَلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۷۹﴾

ٺٺوليون ڪن ٿا. الله انهن سان ٺٺوليون ڪري رهيو آهي ۽ انهن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿۷۹﴾

اِسۡتَغۡفِرۡ لَهُمۡ اَوۡ لَا تَسۡتَغۡفِرۡ لَهُمۡ‌ؕ اِنۡ تَسۡتَغۡفِرۡ لَهُمۡ سَبۡعِيۡنَ مَرَّةً فَلَنۡ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) انهن لاءِ بخشش گهر، يا انهن لاءِ بخشش نہ گهر. جيڪڏهن سندن لاءِ ستر ڀيرا بہ بخشش گهرندين، تڏهن

يَّغۡفِرَ اللّٰهُ لَهُمۡ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ كَفَرُوۡا بِاللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهۡدِى

ٻہ الله کين هرگز نہ بخشيندو، چو تہ انهن الله ۽ سندس رسول (ڪريم ﷺ) جو ڪفر ڪيو ۽ الله نافرمان (۽ بي دين) قوم

الۡقَوۡمَ الۡفٰسِقِيۡنَ ﴿٨٠﴾ ع فَرِحَ الۡمُخَلَّفُوۡنَ بِمَقۡعَدِهِمۡ خِلٰفَ رَسُوۡلِ اللّٰهِ

ع ١٠ ٨ ١٦

کي هدايت نٿو ڪري ﴿٨٠﴾ (منافق) الله جي رسول (ڪريم ﷺ) سان جهاد تي وڃڻ جي بجاءِ، پوئتي رهڻ سبب

وَكَرِهُوۡٓا اَنۡ يُّجَاهِدُوۡا بِاَمۡوَالِهِمۡ وَاَنۡفُسِهِمۡ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَ

خوش ٿين ٿا ۽ هن ڳالهہ کي ناپسند ٿا ڪن تہ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين سان جهاد ڪن ۽ چون ٿا تہ

قَالُوۡا لَا تَنۡفِرُوۡا فِى الۡحَـرِّ ؕ قُلۡ نَارُ جَهَـنَّمَ اَشَدُّ حَرًّا ؕ لَوۡ كَانُوۡا

گرميءَ ۾ جهاد تي نہ نڪرو. فرماءِ تہ جهنم جي باهہ (دنيا جي گرميءَ کان) سخت گرم آهي، جيڪر اهي سمجهہ ڪان

يَفۡقَهُوۡنَ ﴿٨١﴾ فَلۡيَـضۡحَكُوۡا قَلِيۡلًا وَّلۡيَبۡكُوۡا كَثِيۡرًا ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوۡا

ڪم وٺن ﴿٨١﴾ پوءِ جڳائي تہ (دنيا ۾) ٿورو کلن ۽ (جهنم ۾) گهڻو روئن. اها دنيا ۾ سندن ڪرتوتن (يعني منافقت) جي سزا

يَكۡسِبُوۡنَ ﴿٨٢﴾ فَاِنۡ رَّجَعَكَ اللّٰهُ اِلٰى طَآئِفَةٍ مِّنۡهُمۡ فَاسۡتَاۡذَنُوۡكَ

آهي ﴿٨٢﴾ پوءِ جيڪڏهن الله توکي (مديني جي) منافقن جي هڪڙي ٽوليءَ ڏانهن موٽائي ۽ توکان (جهاد تي) نڪرڻ

لِلۡخُرُوۡجِ فَقُلْ لَّنۡ تَخۡرُجُوۡا مَعِىَ اَبَدًا وَّلَنۡ تُقَاتِلُوۡا مَعِىَ عَدُوًّا ؕ

جي اجازت گهرن تہ فرماءِ تہ توهان مون سان هرگز نہ نڪرندا ۽ هرگز مون سان گڏجي جهاد نہ ڪندا. بيشڪ توهان

اِنَّكُمۡ رَضِيۡتُمۡ بِالۡقُعُوۡدِ اَوَّلَ مَرَّةٍ فَاقۡعُدُوۡا مَعَ الۡخٰلِفِيۡنَ ﴿٨٣﴾

پهرين ڀيري بہ ويهي رهڻ تي راضي هئا، پوءِ (هاڻي بہ) پوئتي رهندڙن (عورتن، ٻارن ۽ هيڻن) سان گڏ ويهي رهو ﴿٨٣﴾

وَلَا تُصَلِّ عَلٰٓى اَحَدٍ مِّنۡهُمۡ مَّاتَ اَبَدًا وَّلَا تَقُمۡ عَلٰى قَبۡرِهٖ ؕ اِنَّهُمۡ

۽ انهن مان ڪو مري وڃي تہ ڪڏهن بہ (سندس جنازي جي) نماز نہ پڙهہ ۽ نہ ئي سندس قبر تي بيهي (سندس حق

كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَمَاتُوْا وَهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَلَا تُعْجِبْكَ

۾ دعا گهر.) بيشڪ انهن الله ۽ سندس رسول (ڪريم ﷺ) جن جو ڪفر ڪيو ۽ نافرمان (۽ بي دين) ٿي مئا ﴿٨٤﴾ ۽ تو کي

اَمْوَالُهُمْ وَاَوْلَادُهُمْ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّعَذِّبَهُمْ بِهَا فِي

سندن مال ملڪيتون ۽ ٻار ٻچا تعجب ۾ نہ وجهن. دراصل الله گهري ٿو تہ ڪين انهن جي ذريعي دنيا ۾ (مصيبتن ۾

الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٨٥﴾ وَاِذَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ

وجهي)، مٿن عذاب ڪري ۽ سندن ساهہ هن حالت ۾ نڪرن جو اهي ڪافر هجن ﴿٨٥﴾ ۽ جڏهن ڪا سورت نازل ڪئي وڃي

اَنْ اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَجَاهِدُوْا مَعَ رَسُوْلِهِ اسْتَاْذَنَكَ اُولُوا الطَّوْلِ

ٿي تہ الله تي ايمان آڻيو ۽ سندس رسول (ڪريم ﷺ) سان گڏجي جهاد ڪريو تہ انهن مان مالدار تو کان اجازت گهرن ٿا

مِنْهُمْ وَقَالُوْا ذَرْنَا نَكُنْ مَّعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿٨٦﴾ رَضُوْا بِاَنْ يَّكُوْنُوْا

۽ چون ٿا تہ اسان کي ڇڏي ڏي تہ ويهي رهندڙن سان گڏ (ويهي) رهون ﴿٨٦﴾ هن ڳالهہ تي راضي ٿيا تہ گهرن ۾ ويٺل

مَعَ الْخَوَالِفِ وَطُبِعَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ ﴿٨٧﴾ لٰكِنِ

زالن سان گڏ هجن ۽ سندن دلين تي مهر هڻئي وئي، پوءِ اهي (ايمان ۽ شريعت کي) نٿا سمجهن ﴿٨٧﴾ پر الله جو

الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ جٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ؕ

رسول (ڪريم ﷺ) ۽ جن ان سان گڏ ايمان آندو، انهن پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين سان جهاد ڪيو،

وَاُولٰٓئِكَ لَهُمُ الْخَيْرٰتُ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٨٨﴾ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ

اهي ئي ماڻهو آهن، جن لاءِ ڀلائيون آهن ۽ اهي ئي ڪامياب آهن ﴿٨٨﴾ انهن لاءِ الله تعاليٰ جنتون

جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ

تيار ڪيون آهن، جن (جي وڻن يا محلات) جي هيٺان نهرون وهن ٿيون انهن ۾ سدائين رهندڙ آهن ۽ اهائي وڏي

الْعَظِيْمُ ﴿٨٩﴾ وَجَآءَ الْمُعَذِّرُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ وَقَعَدَ

كاميابي آهي ﴿٨٩﴾ ۽ ٻهراڙين (يعني بدوين) مان عذر پيش كندڙ آيا ته جيئن كين (پوئتي رهڻ جي) اجازت ڏجي ۽ جن

الَّذِيْنَ كَذَبُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ؕ سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابٌ

ماڻهن الله ۽ سندس رسول ﷺ كي كوڙو ڄاتو، اهي ويهي رهيا. انهن مان جن كفر كيو، تن كي سگهوئي ڏكوئيندڙ

اَلِيْمٌ ﴿٩٠﴾ لَيْسَ عَلَى الضُّعَفَآءِ وَلَا عَلَى الْمَرْضٰى وَلَا عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ

عذاب پهچندو ﴿٩٠﴾ كمزورن ۽ بيمارن ۽ انهن ماڻهن تي كا پكڙ ۽ پڇاڻو نه آهي، جيكي خرچ كرڻ لاءِ كا شيءِ نٿا لهن،

مَا يُنْفِقُوْنَ حَرَجٌ اِذَا نَصَحُوْا لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ؕ مَا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ

جڏهن الله ۽ سندس رسول (كريم ﷺ) لاءِ (عمل كي خلل ۾ وجهڻ كان) خالص كن. نيكي كندڙن تي كا پكڙ، پڇاڻو

مِنْ سَبِيْلٍ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩١﴾ وَّلَا عَلَى الَّذِيْنَ اِذَا مَآ اَتَوْكَ

نه آهي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي ﴿٩١﴾ ۽ نه انهن ماڻهن تي (گناه آهي)، جيكي (جهاد ۾ شريك ٿيڻ لاءِ) توكان

لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَآ اَجِدُ مَآ اَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ ۪ تَوَلَّوْا وَّاَعْيُنُهُمْ

سواري وٺڻ آيا ۽ تو كين فرمايو ته آءٌ (سواري) نٿو لهان، جنهن تي توهان كي سوار كريان، پوءِ واپس ويا ۽ سندن اكيون

تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ حَزَنًا اَلَّا يَجِدُوْا مَا يُنْفِقُوْنَ ﴿٩٢﴾ ؕ اِنَّمَا السَّبِيْلُ

غم وچان ڳوڙها ڳاڙي رهيون هيون ته وٽن كا شيءِ نه آهي، جيكا (الله جي واٽ ۾) خرچ كن ﴿٩٢﴾ دراصل گناه ۽ سزا ته

عَلَى الَّذِيْنَ يَسْتَاْذِنُوْنَكَ وَهُمْ اَغْنِيَآءُ ۚ رَضُوْا بِاَنْ يَّكُوْنُوْا

انهن ماڻهن تي آهي، جيكي مالدار هئڻ جي باوجود توكان اجازت گهرن ٿا (۽ اهي) پوئتي (يعني عورتن سان)

مَعَ الْخَوَالِفِ ۙ وَطَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٩٣﴾

گڏ رهڻ تي راضي آهن ۽ الله تعاليٰ سندن دلين تي مهر هڻي ڇڏي آهي، پوءِ اهي نٿا ڄاڻن ﴿٩٣﴾

يَعۡتَذِرُوۡنَ اِلَيۡكُمۡ اِذَا رَجَعۡتُمۡ اِلَيۡهِمۡ ؕ قُلۡ لَّا تَعۡتَذِرُوۡا لَنۡ

جڏهن توهان انهن ڏانهن موٽندا تہ توهان وٽ بهانا پيش ڪندا. فرماءِ تہ بهانا پيش نہ ڪريو. اسين هرگز توهان

نُّؤۡمِنَ لَكُمۡ قَدۡ نَبَّاَنَا اللّٰهُ مِنۡ اَخۡبَارِكُمۡ ؕ وَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمۡ وَرَسُوۡلُهٗ

جي ڳالهہ تي ويساهہ نہ ڪنداسون. بيشڪ اسان کي الله توهان جون خبرون ٻڌائي ڇڏيون آهن ۽ سگهوئي الله ۽ سندس رسول

توهان جا عملَ ڏسندو (تہ منافقت ڇڏيو ٿا، يا ان تي قائم رهو ٿا ؟) پوءِ توهان کي ڳجهہ ۽ ظاهر جي ڄاڻندڙ (الله) ڏانهن موٽايو

ثُمَّ تُرَدُّوۡنَ اِلٰى عٰلِمِ الۡغَيۡبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٩٤﴾

ويندو، پوءِ جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، تن جي باري ۾ (الله تعاليٰ) توهان کي خبر ڏيندو (يعني بدلو ڏيندو) ﴿٩٤﴾

سَيَحۡلِفُوۡنَ بِاللّٰهِ لَكُمۡ اِذَا انۡقَلَبۡتُمۡ اِلَيۡهِمۡ لِتُعۡرِضُوۡا عَنۡهُمۡ ؕ فَاَعۡرِضُوۡا

جڏهن توهان (تبوڪ کان) انهن ڏانهن موٽندا تہ الله جا قسم کڻي (توهان کي ويساهہ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندا)، جيئن انهن کان

عَنۡهُمۡ ؕ اِنَّهُمۡ رِجۡسٌ ۫ وَّمَاۡوٰىهُمۡ جَهَنَّمُ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ﴿٩٥﴾

منهن موڙيو، پوءِ انهن کان منهن موڙيو. بيشڪ اهي ناپاڪ آهن ۽ سندن ماڳ جهنم آهي، جيڪا سندن ڪرتوتن جي سزا آهي ﴿٩٥﴾

يَحۡلِفُوۡنَ لَكُمۡ لِتَرۡضَوۡا عَنۡهُمۡ ۚ فَاِنۡ تَرۡضَوۡا عَنۡهُمۡ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا

قسم کڻي توهان کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پوءِ جيڪڏهن توهان انهن کان راضي ٿيندا تہ پوءِ بيشڪ الله

يَرۡضٰى عَنِ الۡقَوۡمِ الۡفٰسِقِيۡنَ ﴿٩٦﴾ اَلۡاَعۡرَابُ اَشَدُّ كُفۡرًا وَّنِفَاقًا وَّ

تعاليٰ نافرمان قوم کان راضي نہ ٿيندو آهي ﴿٩٦﴾ ڳوناٺا (بدوي) ڪفر ۽ منافقت ۾ سڀ کان سخت ۽ هن ڳالهہ جا وڌيڪ لائق

اَجۡدَرُ اَلَّا يَعۡلَمُوۡا حُدُوۡدَ مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوۡلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ

آهن تہ الله پنهنجي رسول (ﷺ) تي جو ڪجهہ لاٿو آهي، تنهن جون (شرعي) حدون نہ ڄاڻن ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت

حَكِيۡمٌ ﴿٩٧﴾ وَمِنَ الۡاَعۡرَابِ مَنۡ يَّتَّخِذُ مَا يُنۡفِقُ مَغۡرَمًا وَّيَتَرَبَّصُ

وارو آهي ﴿٩٧﴾ ۽ ڪي ڳوناٺا عرب (الله جي واٽ ۾) مال خرچ ڪرڻ کي ڇٽي سمجهن ٿا ۽ توهان جي خلاف زماني جي

بِكُمُ الدَّوَآئِرَ ؕ عَلَيْهِمْ دَآئِرَةُ السَّوْءِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٩٨﴾ وَمِنَ

چڪر ۽ ڦيري جي انتظار ۾ رهن ٿا. مٿن ئي زماني جو بڇڙو چڪر آهي ۽ الله ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿٩٨﴾ ۽ ڪي ڳوناٺا

الْاَعْرَابِ مَنْ يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَيَتَّخِذُ مَا يُنْفِقُ قُرُبٰتٍ عِنْدَ

عرب الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا ۽ مال خرچ ڪرڻ کي الله جي قربَ ۽ رسول (ڪريم ﷺ جن) جي دعا وٺڻ

اللّٰهِ وَصَلَوٰتِ الرَّسُوْلِ ؕ اَلَآ اِنَّهَا قُرْبَةٌ لَّهُمْ ؕ سَيُدْخِلُهُمُ اللّٰهُ فِيْ

جو وسيلو بڻائين ٿا. ٻڌو! اهي (سندن خرچ ڪيل مالَ) سندن لاءِ قربَ جو وسيلو آهن. الله سگهوئي کين پنهنجي

رَحْمَتِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩٩﴾ ع وَالسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ

رحمت ۾ داخل ڪندو، بيشڪ الله بخشڻهار رحم ڪندڙ آهي ﴿٩٩﴾ ۽ مهاجرن ۽ انصار مان اوّليت (۽) سبقت ڪندڙ ۽ (پڻ)

الْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ وَالَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ ۙ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ

اهي ماڻهو، جن ڀلائيءَ سان سندن پيروي ڪئي، الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي ٿيا ۽ (الله) سندن لاءِ

وَرَضُوْا عَنْهُ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ

جنتون تيار ڪيون آهن، جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. منجهن سدائين رهندڙ آهن ۽ اهائي تمام وڏي ڪاميابي

اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١٠٠﴾ وَمِمَّنْ حَوْلَكُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ مُنٰفِقُوْنَ ۛؕ

آهي ﴿١٠٠﴾ ۽ توهان جي چوڌاري ڳوناڻن ۽ مديني وارن مان به ڪي منافق به آهن، جيڪي منافقت تي سندرو ٻڌي ويٺا

وَمِنْ اَهْلِ الْمَدِيْنَةِ ۛ قف مَرَدُوْا عَلَى النِّفَاقِ قف لَا تَعْلَمُهُمْ ؕ نَحْنُ نَعْلَمُهُمْ ؕ

آهن. ڪين تون نٿو ڄاڻين، ڪين اسين ڄاڻون ٿا. سگهوئي ڪين ٻه ڀيرا عذاب ڏينداسون (يعني دنياوي مصيبتن ۽ قبر جي

سَنُعَذِّبُهُمْ مَّرَّتَيْنِ ثُمَّ يُرَدُّوْنَ اِلٰى عَذَابٍ عَظِيْمٍ ﴿١٠١﴾ ج وَاٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا

سختيءَ جي وسيلي) پوءِ ڪين وڏي (يعني دوزخ جي دائمي) عذاب ڏانهن موٽايو ويندو ﴿١٠١﴾ ۽ ٻيا اهي آهن، جن پنهنجن

ع ٢ ١٢

معانقة ٥ عند المتقدمين وقف منزل

بِذُنُوۡبِهِمۡ خَلَطُوۡا عَمَلًا صَالِحًا وَّاٰخَرَ سَيِّئًا ؕ عَسَى اللّٰهُ اَنۡ يَّتُوۡبَ

گناهن کي مڃيو. چڱا ۽ خراب گڏيل سڏيل عَمَلَ ڪيا اٿن، (يعني پهريائين حضرت محمد ﷺ سان گڏجي جهاد ڪيائون، پوءِ

عَلَيۡهِمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۱۰۲﴾ خُذۡ مِنۡ اَمۡوَالِهِمۡ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمۡ

پوئتي رهجي ويا.) ويجهو آهي تہ الله سندن توبه قبول ڪري. بيشڪ الله بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ﴿۱۰۲﴾ (اي مُحَمَّدُ ﷺ!) سندن

وَتُزَكِّيۡهِمۡ بِهَا وَصَلِّ عَلَيۡهِمۡ ؕ اِنَّ صَلٰوتَكَ سَكَنٌ لَّهُمۡ ؕ وَاللّٰهُ

مالن مان صدقو وٺ، جنهن سان ڪين گناهن کان پاڪ ڪر (۽ سندن درجا بلند ڪراءِ) ۽ سندن حقّ ۾ دعا گهر، بيشڪ تنهنجي

سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۱۰۳﴾ اَلَمۡ يَعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ هُوَ يَقۡبَلُ التَّوۡبَةَ عَنۡ

دعا سندن آرام جو سبب آهي ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي ﴿۱۰۳﴾ ڇا اهي نٿا ڄاڻن تہ الله پنهنجن ٻانهن جي توبه قبول ڪري ٿو ۽

عِبَادِهٖ وَيَاۡخُذُ الصَّدَقٰتِ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيۡمُ ﴿۱۰۴﴾

(انهن کان) صدقات وٺي ٿو ۽ هيءُ تہ الله تعاليٰ ئي توبه قبول ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿۱۰۴﴾

وَقُلِ اعۡمَلُوۡا فَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمۡ وَرَسُوۡلُهٗ وَالۡمُؤۡمِنُوۡنَ ؕ

۽ فرماءِ تہ (اي منافقو!) عمل ڪريو، پوءِ سگهو ئي الله ۽ سندس رسول ۽ مؤمن (سڀ) توهان جي عمل کي ڏسندا ۽ سگهو ئي

وَسَتُرَدُّوۡنَ اِلٰى عٰلِمِ الۡغَيۡبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ

توهان کي ڳجهہ ۽ ظاهر جي ڄاڻندڙ (الله جي ذات بابرڪات) ڏانهن موٽايو ويندو، پوءِ جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، تن جو

تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۰۵﴾ ۚ وَاٰخَرُوۡنَ مُرۡجَوۡنَ لِاَمۡرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمۡ وَاِمَّا

توهان کي بدلو ڏيندو ﴿۱۰۵﴾ ۽ ٻيا (اهي ماڻهو آهن جيڪي) الله تعاليٰ جي حڪم لاءِ ترسايا ويا آهن، يا تہ کين عذاب ڏيندو، يا

يَتُوۡبُ عَلَيۡهِمۡ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۱۰۶﴾ وَالَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا

سندن توبه قبول ڪندو ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ﴿۱۰۶﴾ ۽ اهي (منافق، جن مسجد قبا جي مقابلي ۾) ڪفر جي

مَسْجِدًا ضِرَارًا وَّكُفْرًا وَّتَفْرِيْقًا بَيْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَاِرْصَادًا لِّمَنْ

حمايت ۽ مؤمنن ۾ جدائي وجهڻ ۽ جن ماڻهن (الله تعاليٰ ۽ سندس رسول (ﷺ) سان اڳ ۾ جنگ ڪئي، تن کي گهٽ (۽

حَارَبَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ مِنْ قَبْلُ ۭ وَلَيَحْلِفُنَّ اِنْ اَرَدْنَآ اِلَّا

مرڪز) فراهم ڪرڻ جي مقصد سان مسجد ضرار ٺاهي ۽ ضرور قسم کڻندا تہ ڀلائي کان سواءِ اسان جو ڪو

الْحُسْنٰى ۭ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ۝١٠٧ لَا تَقُمْ فِيْهِ اَبَدًا ۭ

مقصد نہ آهي ۽ الله شاهدي ڏئي ٿو تہ بيشڪ اهي ڪوڙا آهن ﴿١٠٧﴾ (اي محمد ﷺ!) هرگز منجهس نماز نہ پڙهہ. جنهن مسجد جا

لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَي التَّقْوٰى مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ ۭ

بنيادَ پهرين ڏينهن کان تقويٰ تي آهن، سا وڌيڪ حقدار آهي تہ ان ۾ نماز پڙهين، انهي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي وڌ ۾ وڌ پاڪائيءَ

فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ اَنْ يَّتَطَهَّرُوْا ۭ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِيْنَ ۝١٠٨ اَفَمَنْ

کي پسند ڪن ٿا. (يعني پٿرن کان پوءِ پاڻيءَ سان استنجو ڪن ٿا) ۽ الله وڌ ۾ وڌ پاڪ رهندڙن کي پسند ڪري ٿو ﴿١٠٨﴾ ڇا

اَسَّسَ بُنْيَانَهٗ عَلٰي تَقْوٰى مِنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانٍ خَيْرٌ اَمْ مَّنْ اَسَّسَ

پوءِ جنهن شخص مسجد جو بنياد خدا خوفي ۽ الله جي راضپي تي رکيو، سو وڌيڪ چڱو آهي، يا جنهن ان جو

بُنْيَانَهٗ عَلٰي شَفَا جُرُفٍ هَارٍ فَانْهَارَ بِهٖ فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ ۭ وَاللّٰهُ لَا

بنياد ڪاهيءَ جي ڪرندڙ ڪناري تي رکيو، پوءِ اها اڏيندڙ سميت دوزخ جي باهہ ۾ وڃي ڪري پوي ۽ الله ظالم

يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝١٠٩ لَا يَزَالُ بُنْيَانُهُمُ الَّذِيْ بَنَوْا رِيْبَةً فِيْ

قوم کي هدايت نٿو ڪري ﴿١٠٩﴾ جيڪا عمارت انهن ٺاهي آهي، اها سدائين سندن دلين ۾ بي يقيني ۽ ڳڻتيءَ جو

قُلُوْبِهِمْ اِلَّآ اَنْ تَقَطَّعَ قُلُوْبُهُمْ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۝١١٠ ع اِنَّ اللّٰهَ ٣ ع ٢

موجب ٿيندي رهندي، مگر هيءُ تہ سندن دليون ٽڪر ٽڪر ٿي وڃن ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ﴿١١٠﴾ بيشڪ

اشۡتَرٰی مِنَ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ اَنۡفُسَهُمۡ وَاَمۡوَالَهُمۡ بِاَنَّ لَهُمُ الۡجَنَّةَ ؕ

الله تعاليٰ ايمان وارن کان سندن جانيون ۽ سندن مال جنت جي بدلي ۾ خريد ڪري ورتا. اهي الله جي

یُقَاتِلُوۡنَ فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰهِ فَیَقۡتُلُوۡنَ وَ یُقۡتَلُوۡنَ ۟ وَعۡدًا عَلَیۡهِ حَقًّا فِی

واٽ ۾ وڙهن ٿا، پوءِ (ڪافرن کي) قتل ڪن ٿا ۽ پاڻ به قتل ٿي وڃن ٿا. اهو توريت ۽ انجيل ۽ قرآن ۾ (الله جو)

التَّوۡرٰىةِ وَالۡاِنۡجِیۡلِ وَالۡقُرۡاٰنِ ؕ وَمَنۡ اَوۡفٰی بِعَهۡدِهٖ مِنَ اللّٰهِ فَاسۡتَبۡشِرُوۡا

ڪيل سچو وعدو آهي، (جنهن کي پورو ڪرڻ الله تي لازم آهي) ۽ الله تعاليٰ کان وڌيڪ پنهنجيءَ وعدي کي پورو

بِبَیۡعِكُمُ الَّذِیۡ بَایَعۡتُمۡ بِهٖ ؕ وَذٰلِكَ هُوَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِیۡمُ ﴿١١١﴾

ڪندڙ ڪير آهي؟ پوءِ جيڪو سودو توهان الله سان ڪيو آهي، ان تي خوش ٿيو ۽ اها ئي وڏي ڪاميابي آهي ﴿١١١﴾

اَلتَّآئِبُوۡنَ الۡعٰبِدُوۡنَ الۡحٰمِدُوۡنَ السّٰٓئِحُوۡنَ الرّٰكِعُوۡنَ

(يعني جيڪي ايمان وارا) توبه ڪندڙ، عبادت ڪندڙ، الله جي ساراهه ڪندڙ، روزا رکندڙ، رڪوع ڪندڙ،

السّٰجِدُوۡنَ الۡاٰمِرُوۡنَ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَالنَّاهُوۡنَ عَنِ الۡمُنۡكَرِ

سجدو ڪندڙ، ڀلائيءَ جو حڪم ڪندڙ ۽ برائيءَ کان روڪيندڙ، الله جي حدن جي

وَالۡحٰفِظُوۡنَ لِحُدُوۡدِ اللّٰهِ ؕ وَبَشِّرِ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿١١٢﴾ مَا كَانَ لِلنَّبِیِّ

حفاظت ڪندڙ آهن ۽ (اهڙن) ايمان وارن کي خوشخبري ڏي ﴿١١٢﴾ نبيءَ (سڳوري ﷺ) ۽ ايمان وارن کي نٿو

وَالَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنۡ یَّسۡتَغۡفِرُوۡا لِلۡمُشۡرِكِیۡنَ وَلَوۡ كَانُوۡۤا اُولِیۡ قُرۡبٰی

جڳائي ته جڏهن مٿن (هيءَ حقيقت) روشن ٿئي ته مشرڪ دوزخي آهن، پوءِ به سندن حقّ ۾ بخشش جي دعا

مِنۡۢ بَعۡدِ مَا تَبَیَّنَ لَهُمۡ اَنَّهُمۡ اَصۡحٰبُ الۡجَحِیۡمِ ﴿١١٣﴾ وَمَا كَانَ

گهرن، جيتوڻيڪ اهي سندن ويجها مِٽ مائٽ ئي هجن ﴿١١٣﴾ ۽ ابراهيم (عليه السلام) جي پنهنجي پيءُ لاءِ بخشش

اسۡتِغۡفَارُ اِبۡرٰهِيۡمَ لِاَبِيۡهِ اِلَّا عَنۡ مَّوۡعِدَةٍ وَّعَدَهَاۤ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا

جي دعا هڪ وعدي جي ڪري هئي، جيڪو ان پنهنجي پيءُ سان ڪيو هو. پوءِ جڏهن مٿس روشن ٿيو ته اهو الله جو دشمن آهي ته

تَبَيَّنَ لَهٗۤ اَنَّهٗ عَدُوٌّ لِّلّٰهِ تَبَرَّاَ مِنۡهُ ؕ اِنَّ اِبۡرٰهِيۡمَ لَاَوَّاهٌ حَلِيۡمٌ ﴿۱۱۴﴾

ان کان بيزار ٿيو (۽ سندس حق ۾ دعا گهرڻ ڇڏي ڏنائين.) بيشڪ ابراهيم (عليه السلام) دعا ۾ ڏاڍي زاري ڪندڙ، ڏاڍو صبر ڪندڙ هو ﴿۱۱۴﴾

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِلَّ قَوۡمًۢا بَعۡدَ اِذۡ هَدٰٮهُمۡ حَتّٰى يُبَيِّنَ لَهُمۡ

۽ اهو الله جو شان نه آهي ته ڪنهن قوم کي هدايت ڏيڻ کان پوءِ گمراهه ڪري، تانجو انهن لاءِ اهي ڳالهيون روشن

مَّا يَتَّقُوۡنَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ﴿۱۱۵﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ

ڪري، جن کان ڪين بچڻ گهرجي، بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ﴿۱۱۵﴾ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي

وَالۡاَرۡضِ ؕ يُحۡىٖ وَيُمِيۡتُ ؕ وَمَا لَـكُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ وَّلِىٍّ وَّلَا

الله لاءِ آهي. (اهوئي) زنده ڪري ٿو ۽ (اهوئي) ماري ٿو ۽ توهان لاءِ الله کان سواءِ نه ڪو دوست آهي ۽ نه ڪو

نَصِيۡرٍ ﴿۱۱۶﴾ لَقَدْ تَّابَ اللّٰهُ عَلَى النَّبِىِّ وَالۡمُهٰجِرِيۡنَ وَالۡاَنۡصَارِ الَّذِيۡنَ

مددگار آهي ﴿۱۱۶﴾ بيشڪ الله نبي (ڪريم ﷺ) ۽ مهاجرن ۽ انصارن تي ٻاجهه ڪئي، جن ڏکئي وقت (يعني جنگ تبوڪ

اتَّبَعُوۡهُ فِىۡ سَاعَةِ الۡعُسۡرَةِ مِنۡۢ بَعۡدِ مَا كَادَ يَزِيۡغُ قُلُوۡبُ فَرِيۡقٍ

۾ سامان جي گهٽتائي، سخت گرمي ۽ تڪليف جي گهڙين) ۾ سندس پيروي ڪئي. باوجود هن جي ته انهن مان هڪ

مِّنۡهُمۡ ثُمَّ تَابَ عَلَيۡهِمۡ ؕ اِنَّهٗ بِهِمۡ رَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۱۱۷﴾ ۙ وَّعَلَى الثَّلٰثَةِ

ڌر جون دليون ڦرڻ واريون هيون، پوءِ الله مٿن ٻاجهه ڪئي، بيشڪ اهو مٿن مهربان، رحم ڪندڙ آهي ﴿۱۱۷﴾ ۽ انهن ٽن

الَّذِيۡنَ خُلِّفُوۡا ؕ حَتّٰۤى اِذَا ضَاقَتۡ عَلَيۡهِمُ الۡاَرۡضُ بِمَا رَحُبَتۡ وَضَاقَتۡ

ڄڻن کي (به توبه جي توفيق ڏنائين)، جن جو معاملو پوئتي ڇڏيو ويو هو، تانجو جڏهن زمين ڪشادگيءَ جي باوجود

عَلَيۡهِمۡ اَنۡفُسُهُمۡ وَظَنُّوۡۤا اَنۡ لَّا مَلۡجَاَ مِنَ اللّٰهِ اِلَّاۤ اِلَيۡهِ ؕ ثُمَّ تَابَ

متن تنگ ٿي پيئي ۽ سندن جيئڻ جنجال ٿي پيو ۽ کين پڪَ ٿي ته الله کان سواءِ پناهه جي ڪا به جاءِ نه آهي، پوءِ الله متن

عَلَيۡهِمۡ لِيَتُوۡبُوۡا ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيۡمُ ﴿۱۱۸﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا ع ١٤

ڀاڄهه سان موٽيو ته جيئن اهي توبه تائب ٿين. بيشڪ الله توبه قبول ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿۱۱۸﴾ اي ايمان وارؤ!

اتَّقُوا اللّٰهَ وَكُوۡنُوۡا مَعَ الصّٰدِقِيۡنَ ﴿۱۱۹﴾ مَا كَانَ لِاَهۡلِ الۡمَدِيۡنَةِ وَمَنۡ

الله کان ڊڄو ۽ سچن ماڻهن جو ساٿ ڏيو ﴿۱۱۹﴾ مديني ۽ ان جي چوڌاري ڳوٺن جي رهندڙن کي نٿو جڳائي ته الله

حَوۡلَهُمۡ مِّنَ الۡاَعۡرَابِ اَنۡ يَّتَخَلَّفُوۡا عَنۡ رَّسُوۡلِ اللّٰهِ وَلَا يَرۡغَبُوۡا

جي رسول (ﷺ) کان پوئتي رهن ۽ نه (کين اها ڳالهه جڳائي ٿي ته) پنهنجين جانين کي رسول الله ﷺ جن جي

بِاَنۡفُسِهِمۡ عَنۡ نَّفۡسِهٖ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ لَا يُصِيۡبُهُمۡ ظَمَاٌ وَّلَا نَصَبٌ وَّلَا

(مقدس) جان کان وڌيڪ پيارو رکن، اهو هن ڪري آهي ته کين الله جي واٽ ۾ جيڪا به اڃ لڳندي يا ٿڪَ ٿيندو يا

مَخۡمَصَةٌ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَلَا يَطَئُوۡنَ مَوۡطِئًا يَّغِيۡظُ الۡكُفَّارَ وَلَا يَنَالُوۡنَ

بُک لڳندي، يا (دشمن جي) ڪنهن سرزمين کي لتاڙيندا، جنهن جي ڪري ڪافر مچرجي پوندا، يا دشمن سان

مِنۡ عَدُوٍّ نَّيۡلًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمۡ بِهٖ عَمَلٌ صَالِحٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيۡعُ اَجۡرَ

مقابلو ڪندا ، پر هر موقعي تي سندن لاءِ عمل صالح لکيو ويندو. بيشڪ الله نيڪي ڪندڙن جو اجر ضايع نٿو

الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۱۲۰﴾ لا وَلَا يُنۡفِقُوۡنَ نَفَقَةً صَغِيۡرَةً وَّلَا كَبِيۡرَةً وَّلَا يَقۡطَعُوۡنَ

ڪري ﴿۱۲۰﴾ ۽ اهي (الله جي واٽ ۾) گهٽ ۽ وڌ جيڪو به مال خرچ ڪن ٿا ۽ جيڪا به ماٿري طي ڪن ٿا (غرض ته

وَادِيًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمۡ لِيَجۡزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحۡسَنَ مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۲۱﴾ وَمَا

سندن لاءِ هر عمل) لکجي ٿو، جيئن الله کين (سندن انهن عملن جو) چڱو بدلو ڏي، جيڪي اهي ڪن ٿا ﴿۱۲۱﴾ ۽

كَانَ الْمُؤْمِنُوْنَ لِيَنْفِرُوْا كَآفَّةً ؕ فَلَوْلَا نَفَرَ مِنْ كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ

مؤمنن کي نتو جڳائي تہ (پيغمبر پاڪ ﷺ کي مديني ۾ ڇڏي) سڀ (جهاد تي) وڃن. پوءِ ڇو نہ ائين ٿيو جو سندن هر

طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا فِي الدِّيْنِ وَلِيُنْذِرُوْا قَوْمَهُمْ اِذَا رَجَعُوْٓا اِلَيْهِمْ

جماعت مان هڪڙي ٽولي نڪتي، جيئن دين جي سمجهہ حاصل ڪن ۽ جڏهن موٽي اچن تہ پنهنجي قوم کي (قرآن

ع ١٥ / ٤ لَعَلَّهُمْ يَحْذَرُوْنَ ﴿١٢٢﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَاتِلُوا الَّذِيْنَ يَلُوْنَكُمْ

جي ذريعي) ڊيڄارين. متان اهي (قرآن جي مخالفت کان) ڊڄن ﴿١٢٢﴾ اي ايمان وارو! جيڪي ڪافر توهان جي ويجهو رهن

مِّنَ الْكُفَّارِ وَلْيَجِدُوْا فِيْكُمْ غِلْظَةً ؕ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ

تا، تن سان جنگ جوٽيو ۽ جڳائي تہ ڪافر توهان ۾ (جهاد جي ذريعي) سختي ڏسن ۽ ڄاڻو تہ الله پرهيزگارن

الربع الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٢٣﴾ وَاِذَا مَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ فَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ اَيُّكُمْ

سان گڏ آهي ﴿١٢٣﴾ ۽ جڏهن ڪا سورة نازل ڪئي وڃي ٿي تہ انهن (منافقن) مان ڪو چوندو آهي تہ توهان مان

زَادَتْهُ هٰذِهٖٓ اِيْمَانًا ۚ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَزَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّهُمْ

ڪير آهي، جنهن جي ايمان کي هن سورة وڌايو؟ پوءِ جن ايمان آندو، تن کي (اها سورة) ايمان ۾ وڌائي ٿي ۽

يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿١٢٤﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ فَزَادَتْهُمْ رِجْسًا

اهي خوش ٿين ٿا ﴿١٢٤﴾ ۽ باقي رهيا اهي جن جي دلين ۾ (شڪ، ڪفر ۽ گمراهيءَ جي) بيماري آهي، تن کي

اِلٰى رِجْسِهِمْ وَمَاتُوْا وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿١٢٥﴾ اَوَلَا يَرَوْنَ اَنَّهُمْ يُفْتَنُوْنَ

(اها سورة) پليتي مٿان پليتيءَ ۾ وڌائي ٿي ۽ اهي ڪافر ٿي مرن ٿا ﴿١٢٥﴾ ڇا نٿا ڏسن تہ هر سال هڪ ڀيرو يا ٻہ

فِيْ كُلِّ عَامٍ مَّرَّةً اَوْ مَرَّتَيْنِ ثُمَّ لَا يَتُوْبُوْنَ وَلَا هُمْ

ڀيرا (بيمارين ۽) مصيبتن ۾ مبتلا ڪري ڪين سزا ڏني وڃي ٿي؟ پوءِ بہ اهي نہ (ڪفر ۽ منافقت کان) توبہ ڪن ٿا ۽

يَذَّكَّرُوۡنَ ﴿١٢٦﴾ وَ اِذَا مَاۤ اُنۡزِلَتۡ سُوۡرَةٌ نَّظَرَ بَعۡضُهُمۡ اِلٰى بَعۡضٍ ؕ هَلۡ يَرٰىكُمۡ

نہ ٿي نصيحت وٺن ٿا (جيئن ايمان وارا بيمارين ۽ سختين مان نصيحت وٺن ٿا.) ﴿١٢٦﴾ ۽ جڏهن (منافقن جي باري ۾) ڪا سورة لاٿي وڃي ٿي، تہ اهي هڪ ٻئي ڏانهن (شرمساري سان) ڏسن ٿا (چڻ تہ هڪ ٻئي کي چون ٿا تہ) ڇا توهان کي ڪو (مؤمن)

مِّنۡ اَحَدٍ ثُمَّ انۡصَرَفُوۡا ؕ صَرَفَ اللّٰهُ قُلُوۡبَهُمۡ بِاَنَّهُمۡ قَوۡمٌ لَّا

ڏسي ٿو؟ پوءِ (ڪفر ۽ ڪوڙ تي بسندرو ٻڌي) منهن ڦيرائين ٿا. الله سندن دلين کي (قرآن تي ايمان آڻڻ کان) ڦيرائي ڇڏيو،

يَفۡقَهُوۡنَ ﴿١٢٧﴾ لَقَدۡ جَآءَكُمۡ رَسُوۡلٌ مِّنۡ اَنۡفُسِكُمۡ عَزِيۡزٌ عَلَيۡهِ مَا عَنِتُّمۡ

جو اهي بي سمجهہ ماڻهو آهن (جيڪي خدا تعاليٰ کي نٿا سڃاڻين) ﴿١٢٧﴾ بيشڪ توهان وٽ توهان جي قوم (يعني اسماعيل

حَرِيۡصٌ عَلَيۡكُمۡ بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ رَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ ﴿١٢٨﴾ فَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَقُلۡ حَسۡبِىَ

جي اولاد) مان هڪ (عظيم الشان) پيغمبر (ﷺ) اچي چڪو آهي، جنهن تي توهان جي هر تڪليف سخت آهي. توهان جي (هدايت ۽ ايمان لاءِ) حريص آهي ۽ مؤمنن تي مهربان، رحم ڪندڙ آهي ﴿١٢٨﴾ پوءِ جيڪڏهن (ايمان کان) پٺي ڦيرائين تہ فرماءِ تہ مون لاءِ

اللّٰهُ ۖ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُ وَ هُوَ رَبُّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡمِ ﴿١٢٩﴾ ع

الله ڪافي آهي، ان کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي. مون مٿس ئي ڀروسو ڪيو ۽ اهو عرش عظيم جو ربّ آهي ﴿١٢٩﴾

اٰيَاتُهَا ١٠٩ (١٠) سُوۡرَةُ يُوۡنُسَ مَكِّيَّةٌ (٥١) رُكُوۡعَاتُهَا ١١

سورة يونس مڪي آهي. منجهس هڪ سو نوَ آيتون ۽ يارهن رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

شروع ڪريان ٿو الله جي نالي سان جيڪو هر عام ۽ خاص تي بيحد رحمت ڪندڙ آهي.

الٓرٰ ۚ قف تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡكِتٰبِ الۡحَكِيۡمِ ﴿١﴾ اَكَانَ لِلنَّاسِ عَجَبًا اَنۡ اَوۡحَيۡنَاۤ

الٓرٰ. آءٌ ئي خدا آهيان جو ڏسان ٿو. (اي پيغمبر ﷺ!) اهي حڪمت واري ڪتاب (قرآن) جون آيتون آهن (جيڪي، اسان توتي نازل ڪيون آهن) ﴿١﴾ ڇا ماڻهن کي هن ڳالهہ تي تعجب ٿي رهيو آهي تہ اسان انهن مان ئي هڪ شخص

اِلٰى رَجُلٍ مِّنۡهُمۡ اَنۡ اَنۡذِرِ النَّاسَ وَ بَشِّرِ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنَّ لَهُمۡ قَدَمَ

ڏانهن وحي موڪليو آهي تہ ماڻهن کي ڊيڄار ۽ جن ماڻهن ايمان آندو آهي، تن کي خوشخبري ڏي تہ

صِدْقٍ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ قَالَ الْكٰفِرُوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٢﴾ اِنَّ

انهن لاءِ سندن ربّ وٽ وڏو درجو آهي. ڪافرن چيو تہ بيشڪ هيءُ تہ پڌرو جادو آهي ﴿٢﴾ بيشڪ توهان جو ربّ اهو

رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى

الله آهي، جنهن ڇهن ڏينهن ۾ آسمانن ۽ زمين کي خلقيو، پوءِ عرش (کي پيدا ڪرڻ جو) ارادو ڪيائين. (اهو ئي) هر

عَلَى الْعَرْشِ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ ؕ مَا مِنْ شَفِيْعٍ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اِذْنِهٖ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ

ڪم جو انتظام ڪري ٿو، سندس اجازت کان سواءِ ڪو شفاعت ڪندڙ نہ آهي. اهو ئي توهان جو الله، توهان جو ربّ آهي،

رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٣﴾ اِلَيْهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا ؕ وَعْدَ اللّٰهِ

پوءِ اڪيلي الله جي ئي عبادت ڪريو. ڇا پوءِ نصيحت نٿا وٺو؟ ﴿٣﴾ توهان سڀني کي ان ڏانهن موٽڻو آهي، الله جو اهو

حَقًّا ؕ اِنَّهٗ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

وعدو سچو آهي، بيشڪ اهوئي مخلوق کي پهريون پيرو پيدا ڪري ٿو. پوءِ اهوئي کين (مرڻ کان پوءِ) ٻيهر پيدا ڪندو،

الصّٰلِحٰتِ بِالْقِسْطِ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ حَمِيْمٍ وَّعَذَابٌ

جيئن مؤمنن ۽ نيڪ عمل ڪندڙن کي انصاف مطابق بدلو ڏئي ۽ جن ڪفر ڪيو، تن لاءِ سندن ڪفر ڪرڻ جي ڪري (آنڊن

اَلِيْمٌۢ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿٤﴾ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ الشَّمْسَ ضِيَآءً وَّالْقَمَرَ

کي ڪٽيندڙ) ٽهڪندڙ پاڻي ۽ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿٤﴾ اهو الله ئي آهي، جنهن سج کي روشن ۽ چنڊ کي منوّر ڪيو

نُوْرًا وَّقَدَّرَهٗ مَنَازِلَ لِتَعْلَمُوْا عَدَدَ السِّنِيْنَ وَالْحِسَابَ ؕ مَا خَلَقَ

۽ چنڊ جون منزلون مقرر ڪيائين، جيئن سالن جي تعداد ۽ حساب کي ڄاڻو. الله تعاليٰ اهي (سڀ شيون) حقّ سان پيدا

اللّٰهُ ذٰلِكَ اِلَّا بِالْحَقِّ ۚ يُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٥﴾ اِنَّ فِي

ڪيون آهن. (الله) پنهنجيون آيتون ان قوم لاءِ کولي بيان ڪري ٿو، جيڪا ڄاڻي ٿي ﴿٥﴾ بيشڪ ڏينهن ۽ رات جي هڪ

وقف النبي صلى الله عليه وسلم

اخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ

بئي جي پويان اچ وڃ ۾ ۽ جيڪي شيون الله آسمانن ۽ زمين ۾ پيدا ڪيون آهن، تن ۾ ان قوم لاءِ نشانيون آهن، جيڪي

لِّقَوْمٍ يَّتَّقُوْنَ ۝٦ اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا وَرَضُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا

الله جو خوف رکن ٿا ⑥ بيشڪ جيڪي ماڻهو اسان جي ملاقات جي اميد نٿا رکن ۽ دنياوي زندگيءَ تي راضي ۽

وَاطْمَاَنُّوْا بِهَا وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنْ اٰيٰتِنَا غٰفِلُوْنَ ۝٧ اُولٰٓئِكَ مَاْوٰىهُمُ النَّارُ بِمَا

(آخرت جي بجاءِ) ان تي مطمئن آهن ۽ اسان جي آيتن (۽ نشانين) کان غافل آهن ⑦ سندن ڪرتوتن جي

كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝٨ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ يَهْدِيْهِمْ رَبُّهُمْ

ڪري انهن جي رهڻ جي جاءِ دوزخ آهي ⑧ بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، تن کي سندن ربّ سندن

بِاِيْمَانِهِمْ ۚ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ۝٩

ايمان جي ڪري (انهن نعمتن وارن باغن جي) واٽ وٺائيندو، جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن ⑨

دَعْوٰىهُمْ فِيْهَا سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَتَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ ۚ وَاٰخِرُ دَعْوٰىهُمْ

انهي سندن دعويٰ ۽ دعا اها هوندي ته يا الله! تون (عيبن کان) پاڪ آهين ۽ اتي سندن ڪيڪارڻ سلام سان هوندو ۽ سندن

اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝١٠ ع وَلَوْ يُعَجِّلُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ الشَّرَّ ع

آخري دعا هيءَ هوندي ته سڀ ساراهه جهانن جي ربّ الله لاءِ آهي ⑩ ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن لاءِ (سندن عملن سبب) برائيءَ ۾

اسْتِعْجَالَهُمْ بِالْخَيْرِ لَقُضِيَ اِلَيْهِمْ اَجَلُهُمْ ۭ فَنَذَرُ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ

جلدي ڪري ها، جيئن اهي ڀلائيءَ لاءِ جلدي ڪن ٿا ته البت سندن مدّت پوري ٿي وڃي ها. پوءِ جيڪي اسان جي ملاقات جي

لِقَآءَنَا فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ۝١١ وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا

اميد نٿا رکن، تن کي سندن گمراهيءَ ۾ ڀٽڪندڙ ڇڏيون ٿا ⑪ ۽ جڏهن انسان کي ڪا تڪليف ۽ سختي پهچندي آهي ته پنهنجي

لِجَنْۢبِهٖٓ اَوْ قَاعِدًا اَوْ قَآئِمًا ۚ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهٗ مَرَّ كَاَنْ لَّمْ

پاسي پر، يا ويٺي يا بيٺي (هر حالت ۾) اسان کي سڏيندو آهي. پوءِ جڏهن ان تان سندس تڪليف هٽائيندا آهيون ته (ناشڪرو

يَدْعُنَآ اِلٰى ضُرٍّ مَّسَّهٗ ؕ كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْمُسْرِفِيْنَ مَا كَانُوْا

ٿي) گذري ويندو آهي، ڄڻ ته پاڻ کي پهتل مصيبت وقت اسان کي سڏيو ئي نه هئائين. اهڙي طرح حد کان لنگهندڙن لاءِ سندن

يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲﴾ وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا ۙ وَ

ڪيل عملَ سينگاريا ويا آهن ﴿۱۲﴾ ۽ تحقيق اسين توهان کان اڳ (ڪيترين) قومون سندن ظلم سبب هلاڪ ڪري چڪا آهيون. وٽن

جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِی

اسان جي پيغمبرن روشن نشانيون آنديون ۽ اهي ايمان آڻڻ وارا نه هئا. اهڙي طرح ڏوهاري قوم کي بدلو ڏيندا آهيون (يعني

الْقَوْمَ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۱۳﴾ ثُمَّ جَعَلْنٰكُمْ خَلٰٓئِفَ فِى الْاَرْضِ مِنْۢ

حضرت محمد ﷺ جن جي انڪارين کي.) ﴿۱۳﴾ پوءِ انهن کان بعد توهان کي زمين ۾ (سندن) جانشين ڪيوسون،

بَعْدِهِمْ لِنَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيَاتُنَا بَيِّنٰتٍ ۙ

جيئن ڏسون (۽ پرک ڪريون) ته توهان ڪهڙا ڪم ٿا ڪريو ﴿۱۴﴾ ۽ جڏهن انهن (مشرڪن) تي اسان جون روشن آيتون

قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا ائْتِ بِقُرْاٰنٍ غَيْرِ هٰذَآ اَوْ بَدِّلْهُ ؕ

پڙهيون وڃن ٿيون ته جيڪي اسان جي ملاقات جي اميد نٿا رکن، سي چون ٿا ته اسان وٽ هن قرآن کان سواءِ

قُلْ مَا يَكُوْنُ لِیْٓ اَنْ اُبَدِّلَهٗ مِنْ تِلْقَآئِ نَفْسِیْ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا

(ڪو ٻيو ڪتاب) آڻ يا ان ۾ (اسان جي پسند مطابق) ڪا تبديلي ڪر. (اي پيغمبر ﷺ!) فرماءِ ته اهو منهنجو شان نه آهي ته
پنهنجي طرفان منجهس تبديلي ڪريان. مون ڏانهن جيڪو وحي ڪيو وڃي ٿو، تنهن کان سواءِ ڪنهن جي به پيروي

مَا يُوْحٰٓى اِلَیَّ ۚ اِنِّیْٓ اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ رَبِّیْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿۱۵﴾

نٿو ڪريان. بيشڪ جيڪڏهن آءٌ پنهنجي ربّ جي نافرماني ڪريان ته آءٌ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو ﴿۱۵﴾

قُلْ لَّوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا تَلَوْتُهٗ عَلَيْكُمْ وَلَآ اَدْرٰىكُمْ بِهٖ ۖ فَقَدْ

(اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ جيڪڏھن الله گھري ھا تہ آءٌ نہ توھان کي قرآن پڙھي ٻڌايان ھا ۽ نہ اھو توھان کي سيکاريان ھا. بيشڪ

لَبِثْتُ فِيْكُمْ عُمُرًا مِّنْ قَبْلِهٖ ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٦﴾ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ

آءٌ توھان ۾ (قرآن جي نازل ٿيڻ کان) اڳ عمر جو ھڪ حصو رھي چڪو آھيان، ڇا پوءِ عقل کان ڪم نٿا وٺو؟ ﴿١٦﴾ پوءِ ان کان وڌيڪ

افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ۭ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿١٧﴾

ظالم ڪير آھي جيڪو الله تي ڪوڙو بھتان ھڻي يا سندس آيتن کي ڪوڙو ڪري؟ بيشڪ ڏوھاري ڪامياب نہ ٿيندا آھن ﴿١٧﴾

وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ وَيَقُوْلُوْنَ

۽ الله تعاليٰ کي ڇڏي، انھن جي عبادت ڪن ٿا، جيڪي کين نہ نقصان ڏين ٿا ۽ نہ فائدو ڏين ٿا ۽ چون ٿا تہ اھي

هٰٓؤُلَآءِ شُفَعَآؤُنَا عِنْدَ اللّٰهِ ۭ قُلْ اَتُنَبِّـُٔوْنَ اللّٰهَ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي

الله وٽ اسان جا سفارشي آھن. فرماءِ تہ ڇا توھان الله کي اھي ڳالھيون ٻڌايو ٿا، جن کي اھو نہ آسمانن ۾

السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ ۭ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿١٨﴾ وَمَا كَانَ

ڄاڻي ٿو ۽ نہ زمين ۾! الله پاڪ ۽ مٿانھون آھي، انھيءَ شرڪ کان جيڪو اھي ڪن ٿا ﴿١٨﴾ ماڻھو (اسلام کي مڃيندڙ) رڳو

النَّاسُ اِلَّآ اُمَّةً وَّاحِدَةً فَاخْتَلَفُوْا ۭ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ

ھڪ امت ھئا، پوءِ اختلاف ڪيائون ۽ جيڪڏھن (عذاب ۾ مھلت جي باري ۾) تنھنجي ربّ جي ڳالھ اڳ ۾ طي ٿيل نہ ھجي ھا

لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ فِيْمَا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٩﴾ وَيَقُوْلُوْنَ لَوْلَآ اُنْزِلَ

تہ اھي جيڪي اختلاف ڪن ٿا، تن جي باري ۾ سندن وچ ۾ فيصلو ٿي چڪو ھجي ھا ﴿١٩﴾ ۽ (مڪي وارا) چون ٿا تہ (حضرت

عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۚ فَقُلْ اِنَّمَا الْغَيْبُ لِلّٰهِ فَانْتَظِرُوْا ۚ اِنِّيْ

محمد ﷺ جن تي) سندن ربّ جي طرفان نشاني ڇو نہ لاٿي وئي؟ فرماءِ تہ ڳجھ جو علم رڳو الله وٽ آھي، پوءِ توھان

مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَ اِذَآ اَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً مِّنْۢ بَعْدِ

انتظار ڪريو، بيشڪ آءٌ بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان ﴿٢٠﴾ ۽ جڏهن انسانن کي تڪليف کان پوءِ راحت ۽ رحمت جو

ضَرَّآءَ مَسَّتْهُمْ اِذَا لَهُمْ مَّكْرٌ فِيْٓ اٰيَاتِنَا ؕ قُلِ اللّٰهُ اَسْرَعُ مَكْرًا ؕ

مزو چکايون ٿا تہ ان وقت اسان جي آيتن جي خلاف (ٺٺوليون ۽) مڪاري شروع ڪن ٿا. (اي پيغمبر ﷺ!) فرماءِ تہ خدا تدبير

اِنَّ رُسُلَنَا يَكْتُبُوْنَ مَا تَمْكُرُوْنَ ﴿٢١﴾ هُوَ الَّذِيْ يُسَيِّرُكُمْ فِي

ڪرڻ ۾ وڌيڪ تيز آهي. بيشڪ اسان جا مقرر ڪيل (فرشتا) توهان جي مڪارين کي لکن ٿا ﴿٢١﴾ اهو (الله ئي) آهي، جيڪو

الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ ؕ حَتّٰٓى اِذَا كُنْتُمْ فِي الْفُلْكِ ۚ وَجَرَيْنَ بِهِمْ بِرِيْحٍ

توهان کي برّ ۽ بحر ۾ گهمائي ڦرائي ٿو، تانجو جڏهن ٻيڙيءَ ۾ (سوار) ٿيندا آهيو ۽ ٻيڙي ماڻهن کي وڻندڙ هوائن وسيلي

طَيِّبَةٍ وَّفَرِحُوْا بِهَا جَآءَتْهَا رِيْحٌ عَاصِفٌ وَّ جَآءَهُمُ الْمَوْجُ

ڪٺي هلندي آهي ۽ اهي انهيءَ ۾ خوش هوندا آهن تہ اوچتو ٻيڙيءَ کي طوفاني هوا وڪوڙي وٺندي آهي ۽ هر طرف کان مٿن

مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ اُحِيْطَ بِهِمْ ۙ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ

موجون اينديون آهن ۽ ڀائيندا آهن تہ (هاڻي) موجن ۾ گهري چڪا آهن (تڏهن) پنهنجي دين کي الله لاءِ خالص ڪري (يعني

لَهُ الدِّيْنَ ۚ لَئِنْ اَنْجَيْتَنَا مِنْ هٰذِهٖ لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿٢٢﴾

مخلص ٿي) سڏيندا آهن (۽ چوندا آهن) تہ جيڪڏهن اسان کي هن مان نجات ڏيندين تہ ضرور شڪر ڪندڙن مان ٿينداسون ﴿٢٢﴾

فَلَمَّآ اَنْجٰهُمْ اِذَا هُمْ يَبْغُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ

پوءِ جڏهن کين نجات ڏيندو آهي تہ اتي جو اتي زمين ۾ ناحق فساد ڪندا آهن. اي انسانو! توهان جي فساد جو وبال

اِنَّمَا بَغْيُكُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ ۙ مَّتَاعَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۫ ثُمَّ اِلَيْنَا مَرْجِعُكُمْ

توهان تي پاڻ تي آهي. دنياوي زندگيءَ جو ٿورو فائدو ماڻيو، پوءِ اسان ڏانهن ئي توهان کي موٽڻو آهي، پوءِ

فَنُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٢٣﴾ اِنَّمَا مَثَلُ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا كَمَآءٍ

جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا (الله) توهان کي انهن جي خبر ڏيندو (يعني بدلو ڏيندو.) ﴿٢٣﴾ دراصل دنياوي زندگيءَ جو

اَنۡزَلۡنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخۡتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الۡاَرۡضِ مِمَّا يَاۡكُلُ

مثال آسمان تان لاٿل پاڻيءَ وانگر آهي، جنهن ۾ زمين جي اوپڙ رلي ملي ويندي آهي، جيڪا ماڻهو ۽ جانور کائيندا

النَّاسُ وَالۡاَنۡعَامُ ؕ حَتّٰٓى اِذَآ اَخَذَتِ الۡاَرۡضُ زُخۡرُفَهَا وَازَّيَّنَتۡ

آهن، تانجو جڏهن زمين سائي ۽ سهڻي ساوڪ واري ٿيندي آهي ۽ ان جا مالڪ ڀائيندا آهن ته ان (کي لڻڻ ۽ ان مان فائدو

وَظَنَّ اَهۡلُهَآ اَنَّهُمۡ قٰدِرُوۡنَ عَلَيۡهَآ ۙ اَتٰٮهَآ اَمۡرُنَا لَيۡلًا اَوۡ نَهَارًا

وٺڻ) تي وس وارا آهن ته اوچتو رات يا ڏينهن جو ان تي اسان جو حڪم اچي پهچندو آهي، پوءِ ان کي لٽيل ميدان ڪري

فَجَعَلۡنٰهَا حَصِيۡدًا كَاَنۡ لَّمۡ تَغۡنَ بِالۡاَمۡسِ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ

ڇڏيندا آهيون، ڄڻ ته ڪالهه تائين اها آباد ئي نه هئي. اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن لاءِ پنهنجيون نشانيون کولي بيان ڪريون

لِقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿٢٤﴾ وَاللّٰهُ يَدۡعُوۡۤا اِلٰى دَارِ السَّلٰمِ ؕ وَيَهۡدِىۡ

ٿا، جيڪي سوچ ويچار کان ڪم وٺن ٿا ﴿٢٤﴾ ۽ الله (سڀ کي) سلامتيءَ جي گهر (يعني بهشت) ڏانهن سڏي ٿو ۽ سڌي واٽ

مَنۡ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿٢٥﴾ لِلَّذِيۡنَ اَحۡسَنُوا الۡحُسۡنٰى وَ

انهيءَ کي ونائي ٿو، جيڪو پاڻ سڌي واٽ تي هلڻ گهري ٿو ﴿٢٥﴾ جن ماڻهن ڀلائي ڪئي، تن لاءِ ڀلائي (يعني

زِيَادَةٌ ؕ وَلَا يَرۡهَقُ وُجُوۡهَهُمۡ قَتَرٌ وَّلَا ذِلَّةٌ ؕ اُولٰٓٮِٕكَ اَصۡحٰبُ

بهشت) ۽ ربّ تعاليٰ جو ديدار آهي ۽ سندن منهن تي نه ڪارنهن چڙهندي ۽ نه ئي مٽن خواري مسلط ٿيندي.

الۡجَنَّةِ ۚ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿٢٦﴾ وَالَّذِيۡنَ كَسَبُوا السَّيِّاٰتِ جَزَآءُ سَيِّئَةٍۢ

اهي ئي جنتي آهن، منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ﴿٢٦﴾ ۽ جن ماڻهن برائي ڪمائي، تن لاءِ اهڙي ئي برائي

بِمِثۡلِهَا ۙ وَ تَرۡهَقُهُمۡ ذِلَّةٌ ؕ مَا لَهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ عَاصِمٍ ۚ كَاَنَّمَاۤ

آهي ۽ مٿن خواري ڇانيل هوندي، کو بہ کين الله (جي عذاب) کان بچائڻ وارو نہ آهي، ڄڻ تہ سندن

اُغۡشِيَتۡ وُجُوۡهُهُمۡ قِطَعًا مِّنَ الَّيۡلِ مُظۡلِمًا ؕ اُولٰٓئِكَ اَصۡحٰبُ النَّارِ ۚ

منهن تي اونداهين رات جا ٽڪرَ ويڙهيا ويا آهن، اهي ئي ماڻهو دوزخي آهن، اهي منجهس

هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۲۷﴾ وَ يَوۡمَ نَحۡشُرُهُمۡ جَمِيۡعًا ثُمَّ نَقُوۡلُ لِلَّذِيۡنَ

سدائين رهڻ وارا آهن ﴿۲۷﴾ ۽ (ياد ڪر) جنهن ڏينهن انهن سڀني کي گڏ ڪنداسون. پوءِ مشرڪن کي چونداسون تہ

اَشۡرَكُوۡا مَكَانَكُمۡ اَنۡتُمۡ وَ شُرَكَآؤُكُمۡ ۚ فَزَيَّلۡنَا بَيۡنَهُمۡ وَ قَالَ

توهان ۽ توهان جا شريڪَ پنهنجي جاءِ تي بيٺا رهو. پوءِ سندن وچ ۾ جدائي وجهنداسون ۽ سندن شريڪَ چوندا تہ

شُرَكَآؤُهُمۡ مَّا كُنۡتُمۡ اِيَّانَا تَعۡبُدُوۡنَ ﴿۲۸﴾ فَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيۡدًۢا بَيۡنَنَا

توهان اسان جي پوڄا نہ ڪندا هئا (۽ نہ اسان کي اهڙي ڪا ڄاڻ آهي.) ﴿۲۸﴾ پوءِ اسان جي ۽ توهان جي وچ ۾ الله شاهد

وَ بَيۡنَكُمۡ اِنۡ كُنَّا عَنۡ عِبَادَتِكُمۡ لَغٰفِلِيۡنَ ﴿۲۹﴾ هُنَالِكَ تَبۡلُوۡا كُلُّ

ڪافي آهي. بيشڪ اسين توهان جي پوڄا کان غافل هئاسون ﴿۲۹﴾ اتي هر شخص پنهنجي اڳتي موڪليل (ڀلائي ۽

نَفۡسٍ مَّاۤ اَسۡلَفَتۡ وَ رُدُّوۡۤا اِلَى اللّٰهِ مَوۡلٰٮهُمُ الۡحَـقِّ وَ ضَلَّ عَنۡهُمۡ

برائيءَ) جو بدلو ڏسندو ۽ سڀني کي پنهنجي سچي ڌڻي، الله ڏانهن موٽايو ويندو ۽ جيڪي ڪوڙا ناهہ ناهين ٿا، اهي

مَّا كَانُوۡا يَفۡتَرُوۡنَ ﴿۳۰﴾ ع قُلۡ مَنۡ يَّرۡزُقُكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الۡاَرۡضِ اَمَّنۡ

سڀ انهن کان گم ٿي ويندا ﴿۳۰﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ توهان کي آسمان ۽ زمين مان (مينهن ۽ پوک جي ذريعي) ڪير روزي

يَّمۡلِكُ السَّمۡعَ وَ الۡاَبۡصَارَ وَمَنۡ يُّخۡرِجُ الۡحَـىَّ مِنَ الۡمَيِّتِ وَ يُخۡرِجُ

ڏئي ٿو ؟ يا ڪنن ۽ اکين جو مالڪ ڪير آهي ۽ ڪير جيئري کي مئي مان ۽ مئي کي جيئري مان ڪڍي ٿو ؟ ۽ ڪير

الۡمَيِّتَ مِنَ الۡحَيِّ وَمَنۡ يُّدَبِّرُ الۡاَمۡرَ ؕ فَسَيَقُوۡلُوۡنَ اللّٰهُ ۚ فَقُلۡ اَفَلَا

(دنيا ۽ آخرت جي) ڪمن جي تدبير ڪري ٿو؟ سگهو ئي چوندا تہ الله! پوءِ (اي محمّد ﷺ!) فرماءِ تہ ڇا (الله لاءِ شريڪ

تَتَّقُوۡنَ ﴿٣١﴾ فَذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمُ الۡحَقُّ ۚ فَمَاذَا بَعۡدَ الۡحَقِّ اِلَّا الضَّلٰلُ ۖۚ

ٺهرائڻ ڪان) نٿا ڊڄو؟ ﴿٣١﴾ اهو الله ئي توهان جو حقيقي ربّ آهي. پوءِ حقّ ڪان بعد گمراهيءَ ڪان سواءِ (ٻيو) ڇا آهي؟

فَاَنّٰى تُصۡرَفُوۡنَ ﴿٣٢﴾ كَذٰلِكَ حَقَّتۡ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيۡنَ فَسَقُوۡۤا اَنَّهُمۡ لَا

پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا وڃو ٿا؟ ﴿٣٢﴾ اهڙيءَ طرح تنهنجي ربّ جو حڪم انهن لاءِ واجب ٿي چڪو، جيڪي نافرماني ڪن ٿا

يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿٣٣﴾ قُلۡ هَلۡ مِنۡ شُرَكَآئِكُمۡ مَّنۡ يَّبۡدَؤُا الۡخَلۡقَ ثُمَّ يُعِيۡدُهٗ ؕ

تہ اهي ايمان نہ آڻيندا ﴿٣٣﴾ فرماءِ تہ ڇا توهان جي معبودن مان ڪو آهي، جيڪو پهريون پيرو خلق کي پيدا ڪري ۽ ٻيهر بہ

قُلِ اللّٰهُ يَبۡدَؤُا الۡخَلۡقَ ثُمَّ يُعِيۡدُهٗ فَاَنّٰى تُؤۡفَكُوۡنَ ﴿٣٤﴾ قُلۡ هَلۡ مِنۡ

ان کي پيدا ڪري؟ فرماءِ تہ الله ئي پهريون پيرو خلق کي خلقي ٿو ۽ اهو ئي ٻيهر بہ ان کي پيدا ڪندو، پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا وڃو ٿا؟ ﴿٣٤﴾
فرماءِ تہ ڇا توهان جي معبودن (۽ ٻتن) مان ڪو آهي جيڪو حقّ جي واٽ ڏيکاري؟ فرماءِ تہ الله ئي حقّ جي واٽ ڏيکاري ٿو پوءِ جيڪا

شُرَكَآئِكُمۡ مَّنۡ يَّهۡدِيۡۤ اِلَى الۡحَقِّ ؕ قُلِ اللّٰهُ يَهۡدِيۡ لِلۡحَقِّ ؕ اَفَمَنۡ يَّهۡدِيۡۤ

(ذات) حقّ جي واٽ ڏيکاري، سا وڌيڪ حقدار آهي تہ سندس پيروي ڪجي يا جيڪي واٽ نٿا ڏيکارين (بلڪ پنهنجي جاءِ

اِلَى الۡحَقِّ اَحَقُّ اَنۡ يُّتَّبَعَ اَمَّنۡ لَّا يَهِدِّيۡۤ اِلَّاۤ اَنۡ يُّهۡدٰى ۚ فَمَا لَكُمۡ قف

تان چُري پُري بہ نٿا سگهن.) سواءِ ان جي جو ڪين رستو ڏيکار جي؟ پوءِ توهان کي ڇا ٿيو آهي، ڪيئن ٿا فيصلو ڪريو (تہ

كَيۡفَ تَحۡكُمُوۡنَ ﴿٣٥﴾ وَمَا يَتَّبِعُ اَكۡثَرُهُمۡ اِلَّا ظَنًّا ؕ اِنَّ الظَّنَّ لَا يُغۡنِيۡ

الله جا ڀائيوار آهن؟) ﴿٣٥﴾ ۽ انهن مان گهڻا رڳو گمان جي پيروي ڪن ٿا ۽ بيشڪ گمان حقّ جي مقابلي ۾ ڪو فائدو نٿو

مِنَ الۡحَقِّ شَيۡـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌۢ بِمَا يَفۡعَلُوۡنَ ﴿٣٦﴾ وَمَا كَانَ هٰذَا

ڏي. بيشڪ جيڪي ڪم اهي ڪن ٿا، الله تن کي ڄاڻندڙ آهي ﴿٣٦﴾ ۽ هيءُ قرآن غير الله جي طرفان گهڙيل ٻهتان نہ

الْقُرْاٰنُ اَنْ يُّفْتَرٰى مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ

پر اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ ۽ انهن جي تفصيل آهي (يعني جنت جي خوشخبري ڏيندڙ ۽ دوزخ کان ڊيڄاريندڙ ۽ حلال ۽

وَتَفْصِيْلَ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٧﴾ قف اَمْ يَقُوْلُوْنَ

حرام کي روشن ڪندڙ آهي.) ان ۾ شڪ نه آهي ته جهانن جي ربّ جي طرفان آهي ﴿٣٧﴾ ياچون ٿا ته (حضرت محمد ﷺ) اهو پاڻ

افْتَرٰىهُ ط قُلْ فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّثْلِهٖ وَادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ

ٺاهيو آهي؟ فرماءِ ته پوءِ اهڙي هڪ سورة ٺاهي ڏيکاريو ۽ الله کان سواءِ جن کي مدد لاءِ سڏي سگهو ٿا، تن کي سڏيو، جيڪڏهن

اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٣٨﴾ بَلْ كَذَّبُوْا بِمَا لَمْ يُحِيْطُوْا بِعِلْمِهٖ وَلَمَّا

توهان (پنهنجي ان دعويٰ ۾) سچا آهيو ﴿٣٨﴾ بلڪ جنهن شيءِ (جي حقيقت) جي علم کي نه پهتا آهن، تنهن کي ڪوڙو ڪن ٿا ۽ اڃا

يَاْتِهِمْ تَاْوِيْلُهٗ ط كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَانْظُرْ كَيْفَ

مٿن (وعدن جي سچائي) ظاهر ناهي ٿي. اهڙيءَ طرح جيڪي ماڻهو انهن کان اڳ هئا، تن به (الله جي ڪتابن ۽ رسولن کي)

كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٩﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يُّؤْمِنُ بِهٖ وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّا

ڪوڙو ڪيو، پوءِ ڏس ته ظالمن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ ﴿٣٩﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!) انهن مان ڪي هن (قرآن) تي ايمان آڻين ٿا (جن کي الله

ع يُؤْمِنُ بِهٖ ط وَرَبُّكَ اَعْلَمُ بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿٤٠﴾ ع وَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ لِّيْ عَمَلِيْ

جاڻي ٿو) ۽ انهن مان ڪي مٿس ايمان نٿا آڻين (تن کي به الله جاڻي ٿو) ۽ تنهنجو ربّ فسادين کي وڌيڪ جاڻي ٿو ﴿٤٠﴾ ۽ جيڪڏهن (تنهنجي
قوم) توکي ڪوڙو ڪيو ته فرماءِ ته مون لاءِ منهنجو عمل (يعني ايمان ۽ اطاعت) آهي ۽ توهان لاءِ توهان جو عمل (يعني ڪفر ۽ نافرماني)

وَلَكُمْ عَمَلُكُمْ ج اَنْتُمْ بَرِيْٓــُٔوْنَ مِمَّآ اَعْمَلُ وَاَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٤١﴾

آهي. جيڪي ڪم آءٌ ڪريان ٿو، توهان انهن کان بيزار آهيو ۽ جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، آءٌ انهن کان بيزار آهيان ﴿٤١﴾

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ ط اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ وَلَوْ كَانُوْا

انهن مان ڪي توڏانهن (ٺٺوليون ڪرڻ ۽ توکي ڪوڙو ڪرڻ جي ارادي سان ڪن ڏيئي قرآن کي) ٻڌن ٿا. ڇا پوءِ تون ٻوڙن کي

لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْظُرُ اِلَيْكَ ؕ اَفَاَنْتَ تَهْدِى الْعُمْىَ

ٻڌائيندين، جيتوڻيڪ اهي عقل نہ رکندا هجن؟ ﴿٤٢﴾ ۽ انهن مان ڪو توڏانهن نهاري ٿو. ڇا پوءِ تون انڌن کي رستو ڏيکاريندين؟
جيتوڻيڪ اهي ڏسي نہ سگهندا هجن (يعني جيئن تون ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي سگهہ پيدا ڪرڻ تي وس وارو نہ آهين، تيئن هدايت

وَلَوْ كَانُوْا لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿٤٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظْلِمُ النَّاسَ شَيْـًٔا وَّ لٰكِنَّ

ڏيڻ تي بہ وس وارو نہ آهين) ﴿٤٣﴾ بيشڪ الله تعاليٰ ماڻهن تي ظلم نٿو ڪري، پر ماڻهو پاڻ تي پاڻ ظلم ڪري رهيا

النَّاسَ اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ كَاَنْ لَّمْ يَلْبَثُوْٓا

آهن ﴿٤٤﴾ ۽ جنهن ڏينهن (الله) کين گڏ ڪندو، (اهي ڀائيندا تہ) ڄڻ (دنيا ۾) ڏينهن جي هڪڙي گهڙي رهيا آهن.

اِلَّا سَاعَةً مِّنَ النَّهَارِ يَتَعَارَفُوْنَ بَيْنَهُمْ ؕ قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ

هڪ ٻئي کي سڃاڻندا (۽ قيامت جي سختين سبب هڪ ٻئي کي ملامت ڪندا.) بيشڪ جن ماڻهن الله جي ملاقات

كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ اللّٰهِ وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَاِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ

کي ڪوڙو ڪيو، تن پاڻ کي ئي نقصان ۾ وڌو ۽ اهي هدايت وارا نہ ٿيا ﴿٤٥﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!) جنهن (عذاب جو) ساڻن

الَّذِىْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ اللّٰهُ شَهِيْدٌ

وعدو ڪريون ٿا، جيڪڏهن ان مان ڪجهہ توکي ڏيکاريون، يا توکي وفات ڪرايون پوءِ بہ سندن موٽڻ تہ اسان ڏانهن ئي

عَلٰى مَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلٌ ۚ فَاِذَا جَآءَ رَسُوْلُهُمْ

آهي، پوءِ جيڪي ڪم اهي ڪن ٿا، تن تي الله شاهد آهي ﴿٤٦﴾ ۽ هر هڪ امت جي لاءِ هڪڙو رسول آهي، پوءِ جڏهن (وٽن)
سندن رسول ايندو آهي (يا قيامت ۾ ايندو تہ) سندن وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو آهي (يا قيامت جي ڏينهن سندن وچ

قُضِىَ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا

۾ انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو) ۽ انهن تي ظلم نہ ڪيو ويندو ﴿٤٧﴾ ۽ (ڪافر) چون ٿا تہ (عذاب جو) هيءُ وعدو

الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِىْ ضَرًّا وَّ لَا

ڪڏهن ايندو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو؟ ﴿٤٨﴾ فرماءِ تہ آءٌ پنهنجي لاءِ بہ ڪنهن نقصان ۽ ڪنهن نفعي جو مالڪ نہ آهيان،

نَفْعًا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ لِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ؕ اِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَلَا

مگر جيڪي الله گھري. هر هڪ امت لاءِ مقرر ڪيل وقت آهي، جڏهن سندن مقرر ڪيل وقت ايندو آهي ته پوءِ اهي هڪ

يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّ لَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿۴۹﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ

گھڙي نه اڳتي ٿيندا آهن ۽ نه پوئتي ٿيندا آهن ﴿۴۹﴾ فرماءِ ته (ڄاڻو ٿا ته) ٻڌايو، جيڪڏهن رات يا ڏينهن ۾ توهان تي

عَذَابُهٗ بَيَاتًا اَوْ نَهَارًا مَّاذَا يَسْتَعْجِلُ مِنْهُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿۵۰﴾ اَثُمَّ اِذَا مَا

سندس عذاب (اوچتو) اچي ته پوءِ ڏوهاري ماڻهو ڇا جي لاءِ جلد بازي ڪري رهيا آهن؟ ﴿۵۰﴾ ڇا جڏهن عذاب اچي ويندو ته

وَقَعَ اٰمَنْتُمْ بِهٖ ؕ آٰلْـٰٔنَ وَقَدْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿۵۱﴾ ثُمَّ قِيْلَ لِلَّذِيْنَ

پوءِ توهان ايمان آڻيندا؟ (۽ اهو توبه جي قبوليت جو وقت نه هوندو آهي، ڪين چيو ويندو ته) هاڻي (ٿا ايمان آڻيو؟) حالانڪ
اڳ ۾ ان جي اچڻ لاءِ توهان جلدبازي (۽ ٺٺوليون) ڪري رهيا هئا ﴿۵۱﴾ پوءِ جن ظلم ڪيو، تن کي چيو ويندو ته دائمي

ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ ۚ هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ﴿۵۲﴾

عذاب جو مزو چکو توهان کي انهن (ئي ڪرتوتن جو) بدلو ڏنو ويندو، جيڪي توهان (دنيا ۾) ڪمائيندا هئا ﴿۵۲﴾

وَيَسْتَنْۢبِـُٔوْنَكَ اَحَقٌّ هُوَ ؕ قُلْ اِيْ وَرَبِّيْٓ اِنَّهٗ لَحَقٌّ ؕۚ وَمَآ اَنْتُمْ

۽ (اي محمد ﷺ!) توکان پڇن ٿا ته ڇا اهو (قيامت جي عذاب جو وعدو) سچو آهي؟ فرماءِ ته هائو! مون کي منهنجي ربّ جو قسم!

بِمُعْجِزِيْنَ ﴿۵۳﴾ وَلَوْ اَنَّ لِكُلِّ نَفْسٍ ظَلَمَتْ مَا فِى الْاَرْضِ لَافْتَدَتْ بِهٖ ؕ

بيشڪ اهو (وعدو) سچو آهي ۽ توهان عاجز ڪندڙ نه آهيو ﴿۵۳﴾ ۽ جيڪڏهن هر ظالم شخص (يعني مشرڪ وٽ)، اهو سڀ

وَاَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ ۚ وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ

ڪجھ هجي، جيڪو زمين ۾ آهي ته اهو به (قيامت جي ڏينهن الله جي عذاب کان بچڻ لاءِ) بدلي ۾ ڏيندو (پر ڪيس ان مان به
ڪو به فائدو نه ٿيندو) ۽ جڏهن عذاب ڏسندا ته پنهنجي پشيماني کي لڪائيندا ۽ سندن وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو

وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۵۴﴾ اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اَلَآ اِنَّ

۽ مٿن ظلم نه ڪيو ويندو ﴿۵۴﴾ ٻڌو! بيشڪ جيڪي ڪجھ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، اهو سڀ الله تعاليٰ جو آهي.

وقف النّبي صلى الله عليه وسلم

ع ۵

وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٥٥﴾ هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ وَاِلَيْهِ

ٻڌو! الله جو وعدو سچو آهي ۽ پر انهن مان گهڻا نٿا ڄاڻن ﴿٥٥﴾ اهو (الله) ئي جياري ٿو ۽ اهوئي ماري ٿو ۽ ان ڏانهن ئي

تُرْجَعُوْنَ ﴿٥٦﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ

توهان کي موٽايو ويندو ﴿٥٦﴾ اي انسانو! تحقيق توهان وٽ توهان جي ربّ جي طرفان هڪ نصيحت ۽ سينن

شِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ ۙ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥٧﴾ قُلْ

جي (بيمارين لاءِ) شفا ۽ مؤمنن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت اچي چڪي آهي ﴿٥٧﴾ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ ته پوءِ الله

بِفَضْلِ اللّٰهِ وَبِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا

جي (انهيءَ) فضل ۽ سندس رحمت تي ڪين خوش ٿيڻ گهرجي. جيڪي (مال ۽ دولت) اهي گڏ ڪن ٿا، تنهن ڪان اهو

يَجْمَعُوْنَ ﴿٥٨﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ لَكُمْ مِّنْ رِّزْقٍ فَجَعَلْتُمْ

ڏاڍو چڱو آهي ﴿٥٨﴾ فرماءِ ته ڏسو! جيڪا روزي الله توهان لاءِ لاٿي آهي، پوءِ توهان پاڻ ان مان ڪا شيءِ حرام ڪريو ٿا ۽

مِّنْهُ حَرَامًا وَّحَلٰلًا ؕ قُلْ آٰللّٰهُ اَذِنَ لَكُمْ اَمْ عَلَى اللّٰهِ تَفْتَرُوْنَ ﴿٥٩﴾

ڪا شيءِ حلال ڪريو ٿا. (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ ته ڇا الله توهان کي اهو حڪم ڪيو آهي يا الله تي بهتان هڻو ٿا؟ ﴿٥٩﴾

وَمَا ظَنُّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

۽ جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ تي بهتان هڻن ٿا، تن جو قيامت جي ڏينهن جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟ (ڇا الله

لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٦٠﴾ ع وَمَا

ڪين عذاب نه ڪندو؟) بيشڪ الله ماڻهن تي وڏي فضل وارو آهي ۽ پر انهن مان گهڻا شڪر نٿا ڪن ﴿٦٠﴾ ۽ تون جنهن به

تَكُوْنُ فِيْ شَاْنٍ وَّمَا تَتْلُوْا مِنْهُ مِنْ قُرْاٰنٍ وَّلَا تَعْمَلُوْنَ

حال ۾ هوندو آهين ۽ الله جي ڪلام مان جو به قرآن پڙهندو آهين ۽ جو به توهان ڪم ڪندا آهيو، مگر اسين (۽ اسان

مِنۡ عَمَلٍ اِلَّا كُنَّا عَلَيۡكُمۡ شُهُوۡدًا اِذۡ تُفِيۡضُوۡنَ فِيۡهِ ؕ وَمَا

جا مقرر ڪيل فرشتا) توهان تي شاهد هوندا آهيون، جڏهن به توهان ان ۾ مشغول هوندا آهيو.

يَعۡزُبُ عَنۡ رَّبِّكَ مِنۡ مِّثۡقَالِ ذَرَّةٍ فِى الۡاَرۡضِ وَلَا فِى السَّمَآءِ

تنهنجي ربّ کان ڪا ذري جيتري ڳالهه به ڳجهي (۽ غائب) نٿي رهي. نه زمين ۾ ۽ نه ئي آسمانن ۾ ۽ نه ڪا شيءِ ان

وَلَاۤ اَصۡغَرَ مِنۡ ذٰلِكَ وَلَاۤ اَكۡبَرَ اِلَّا فِىۡ كِتٰبٍ مُّبِيۡنٍ ﴿٦١﴾ اَلَاۤ اِنَّ

کان ننڍي آهي ۽ نه ڪا وڏي آهي، مگر اها روشن ڪتاب (يعني لوح محفوظ) ۾ (لکيل) آهي ﴿٦١﴾ ٻڌو! بيشڪ الله

اَوۡلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ ۚ ﴿٦٢﴾ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا

جي ولين لاءِ نه ڪو خوف آهي ۽ نه ئي اهي غمگين ٿيندا ﴿٦٢﴾ (يعني اهي اولياءَ الله) جن ايمان آندو

وَكَانُوۡا يَتَّقُوۡنَ ؕ ﴿٦٣﴾ لَهُمُ الۡبُشۡرٰى فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَفِى

۽ اهي (قيامت جي ڏينهن کان) ڊڄن ٿا ﴿٦٣﴾ دنيا جي زندگيءَ ۾ به سندن لاءِ خوشخبري آهي ته آخرت ۾ به (سندن

الۡاٰخِرَةِ ؕ لَا تَبۡدِيۡلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ؕ ﴿٦٤﴾

لاءِ خوشخبري آهي.) الله جي ڳالهين ۾ ڪا تبديلي (۽ ڦيرڦار) نه ٿيندي آهي، اها ئي وڏي ڪاميابي آهي ﴿٦٤﴾

وَلَا يَحۡزُنۡكَ قَوۡلُهُمۡ ۘ اِنَّ الۡعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيۡعًا ؕ هُوَ السَّمِيۡعُ

وقف لازم

۽ توکي انهن جي ڳالهه غم ۾ نه وجهي، بيشڪ عزت (۽ قوت ۽ قدرت) سڀ الله لاءِ آهي، اهوئي

الۡعَلِيۡمُ ﴿٦٥﴾ اَلَاۤ اِنَّ لِلّٰهِ مَنۡ فِى السَّمٰوٰتِ وَمَنۡ فِى الۡاَرۡضِ ؕ وَمَا

ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿٦٥﴾ ٻڌو! جيڪي به شيون آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي به شيون زمين ۾ آهن، سڀ الله جون آهن

يَتَّبِعُ الَّذِيۡنَ يَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ شُرَكَآءَ ؕ اِنۡ يَّتَّبِعُوۡنَ

۽ جيڪي ماڻهو الله کان سواءِ ٻين شريڪن جي پيروي ڪن ٿا، سي (حقيقت ۾) رڳو گمان جي پيروي ڪن ٿا ۽ اهي

اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿٦٦﴾ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ

رڳو اٽڪل بازي ڪن ٿا ﴿٦٦﴾ اهو (الله تعاليٰ) ئي آهي، جنهن توهان لاءِ رات ناهي، جيئن منجهس آرام ڪريو ۽ ڏينهن کي

لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَ النَّهَارَ مُبْصِرًا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ

روشن ڪيائين (جيئن ڪم ڪار ڪريو.) بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي (ڌيان سان)

يَّسْمَعُوْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ؕ هُوَ الْغَنِيُّ ؕ لَهٗ مَا فِي

ٻڌن ٿا ﴿٦٧﴾ (مشرڪن) چيو ته الله پنهنجي لاءِ اولاد ورتو آهي. الله انهن ڳالهين کان پاڪ آهي، اهو ئي بي نياز (بادشاه)

السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ اِنْ عِنْدَكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍۭ بِهٰذَا ؕ اَتَقُوْلُوْنَ

آهي. جيڪي شيون آسمانن ۾ ۽ جيڪي شيون زمين ۾ آهن، سڀ ان جون آهن. توهان وٽ پنهنجي انهيءَ (دعويٰ لاءِ) ڪو

عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٨﴾ قُلْ اِنَّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ

دليل نه آهي. ڇا الله تي اها ڳالهه چئو ٿا جيڪا نٿا ڄاڻو؟ ﴿٦٨﴾ فرماءِ ته بيشڪ جيڪي ماڻهو الله تي ڪوڙو بهتان هڻن ٿا، اهي

لَا يُفْلِحُوْنَ ﴿٦٩﴾ مَتَاعٌ فِي الدُّنْيَا ثُمَّ اِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ نُذِيْقُهُمُ

ڪامياب نه ٿيندا ﴿٦٩﴾ سندن لاءِ دنيا جو ٿورو سامان آهي، پوءِ اسان ڏانهن ئي سندن موٽڻ آهي. پوءِ اهي جيڪو ڪفر ڪن ٿا،

الْعَذَابَ الشَّدِيْدَ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٠﴾ ع وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ نُوْحٍ ۘ اِذْ

تنهن جي ڪري کين سخت عذاب چکائينداسون ﴿٧٠﴾ ۽ کين نوح (عليه السلام) جي خبر پڙهي ٻڌاءِ. جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين

قَالَ لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَيْكُمْ مَّقَامِيْ وَتَذْكِيْرِيْ بِاٰيٰتِ

ته اي منهنجي قوم! جيڪڏهن منهنجو رهڻ ۽ الله جي آيتن سان منهنجي نصيحت توهان تي ڏکي آهي ته پوءِ مون الله تي

اللّٰهِ فَعَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ فَاَجْمِعُوْٓا اَمْرَكُمْ وَشُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ لَا يَكُنْ

ڀروسو ڪيو، پوءِ پنهنجي ڪم ۽ پنهنجن شريڪن کي گڏ ڪريو، پوءِ توهان تي توهان جو معاملو ڳجهو نه رهي، پوءِ منهنجي

وقف لازم ١٢ الثلثة

اَمْرُكُمْ عَلَيْكُمْ غُمَّةً ثُمَّ اقْضُوْٓا اِلَيَّ وَلَا تُنْظِرُوْنِ ﴿٧١﴾ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَمَا

باري ۾ فيصلو ڪريو ۽ مون کي مهلت نہ ڏيو (توهان ڪجھ ڪري نہ سگهندا، مگر جو الله گهري)﴿٧١﴾ پوءِ جيڪڏهن توهان (ايمان

سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ ؕ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ۙ وَ اُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ

آڻڻ کان) منهن موڙيوتا تہ آءٌ توهان کان ڪو اجر نٿو گهران. منهنجو اجر تہ الله تي آهي ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ

مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٧٢﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَنَجَّيْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَ

مسلمانن مان ٿيان ﴿٧٢﴾ پوءِ ڪيس ڪوڙو ڪيائون، پوءِ ڪيس ۽ جيڪي ان سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ هئا، تن کي بچايوسون ۽ ڪين (زمين

جَعَلْنٰهُمْ خَلٰٓئِفَ وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ

۾) جانشين ڪيوسون ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو، تن کي ٻوڙي ڇڏيوسون. پوءِ ڏس تہ ڊيڄاريل ماڻهن

كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿٧٣﴾ ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ رُسُلًا اِلٰى

جي پڇاڙي ڪيئن ٿي ؟ ﴿٧٣﴾ پوءِ (نوح عليه السلام) کان بعد ڪيترائي پيغمبر سندن قومن ڏانهن موڪلياسون.

قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا بِهٖ

پوءِ انهن، وٽن روشن نشانيون (۽ معجزا) آندا، پر اهي اڳواٽ ڪين ڪوڙو ڪرڻ سبب ايمان آڻڻ

مِنْ قَبْلُ ؕ كَذٰلِكَ نَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٧٤﴾ ثُمَّ بَعَثْنَا

وارا نہ هئا. اهڙيءَ طرح اسين حد کان لنگهندڙن جي دلين تي مهر هڻندا آهيون ﴿٧٤﴾ انهن کان پوءِ

مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى وَ هٰرُوْنَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَ مَلَا۟ئِهٖ بِاٰيٰتِنَا

موسيٰ (عليه السلام) ۽ هارون (عليه السلام) کي پنهنجيون آيتون (۽ نشانيون) ڏيئي فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن

فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿٧٥﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ

موڪليوسون، پوءِ انهن وڏائي ڪئي ۽ اهي ڏوهاري ماڻهو هئا ﴿٧٥﴾ پوءِ جڏهن انهن وٽ اسان جي طرفان

مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْٓا اِنَّ هٰذَا لَسِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧٦﴾ قَالَ مُوْسٰٓى اَتَقُوْلُوْنَ

حقّ آيو، چوڻ لڳا تہ يقيناً هيءُ تہ پڌرو جادو آهي ﴿٧٦﴾ موسيٰ (عليه السلام) چيو تہ ڇا جڏهن توهان وٽ حقّ آيو آهي،

لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَكُمْ ؕ اَسِحْرٌ هٰذَا ؕ وَلَا يُفْلِحُ السّٰحِرُوْنَ ﴿٧٧﴾ قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا

ڇئُو تا (تہ هيءُ جادو آهي) ڇا هيءُ جادو آهي؟ ۽ جادوگر ڪامياب نہ ٿيندا آهن ﴿٧٧﴾ چيائون تہ ڇا اسان وٽ هن لاءِ

لِتَلْفِتَنَا عَمَّا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا وَ تَكُوْنَ لَكُمَا الْكِبْرِيَآءُ فِى

آيو آهين تہ جنهن (دين) تي اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي لڌو، ان کان اسان کي ڦيرائين ۽ هن ملڪ (مصر) ۾ توهان

الْاَرْضِ ؕ وَمَا نَحْنُ لَكُمَا بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٨﴾ وَقَالَ فِرْعَوْنُ ائْتُوْنِىْ

ٻنهي جي وڏائي قائم ٿئي ۽ اسان توهان ٻنهي تي ايمان آڻڻ وارا نہ آهيون ﴿٧٨﴾ ۽ فرعون چيو تہ مون وٽ هر ڄاڻو

بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِيْمٍ ﴿٧٩﴾ فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰٓى اَلْقُوْا مَآ

جادوگر کي آڻيو ﴿٧٩﴾ پوءِ جڏهن جادوگر آيا تہ موسيٰ (عليه السلام) کين چيو تہ توهان کي جيڪي ڪجهہ اڇلائڻو آهي، سو

اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿٨٠﴾ فَلَمَّآ اَلْقَوْا قَالَ مُوْسٰى مَا جِئْتُمْ بِهِ ۙ السِّحْرُ ؕ اِنَّ

اڇلايو ﴿٨٠﴾ پوءِ جڏهن انهن (رسيون ۽ لٺيون) اڇلايون، موسيٰ (عليه السلام) چيو تہ جيڪي جادو توهان ناهي آيا آهيو، الله

اللّٰهَ سَيُبْطِلُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُصْلِحُ عَمَلَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٨١﴾ وَيُحِقُّ

سگهو ئي ان کي باطل (۽ ناڪام ۽ نامراد) ڪندو. بيشڪ الله فسادين جي ڪم کي نہ سڌاريندو آهي ﴿٨١﴾ ۽ (الله) حقّ

اللّٰهُ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع فَمَآ اٰمَنَ لِمُوْسٰٓى اِلَّا ع ٨/١٢ ١٣

کي پنهنجي حڪم مطابق غالب ۽ مضبوط ڪندو ۽ جيتوڻيڪ ڏوهاري (يعني ڪافر) پسند نہ ڪن ﴿٨٢﴾ پوءِ فرعون ۽ سندس

ذُرِّيَّةٌ مِّنْ قَوْمِهٖ عَلٰى خَوْفٍ مِّنْ فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهِمْ اَنْ يَّفْتِنَهُمْ ؕ

سردارن جي (عذاب ۽ تشدد جي) خوف سبب، موسيٰ (عليه السلام) جي قوم (يعني بني اسرائيل) ڪان سواءِ مٿس ڪنهن بہ

وَاِنَّ فِرْعَوْنَ لَعَالٍ فِي الْاَرْضِ ۚ وَاِنَّهٗ لَمِنَ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٨٣﴾ وَ قَالَ
ايمان نہ آندو ۽ تحقيق فرعون زمين ۾ وڏائي ڪندڙ هو ۽ بيشڪ اهو حد کان لنگهندڙن مان هو ﴿٨٣﴾ ۽ موسيٰ (عليہ السلام) چيو
مُوْسٰى يٰقَوْمِ اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ فَعَلَيْهِ تَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ
تہ اي منهنجي قوم! جيڪڏهن نوهان الله تي ايمان آندو آهي تہ پوءِ (رڳو) مٿس ئي ڀروسو ڪريو، جيڪڏهن توهان
مُّسْلِمِيْنَ ﴿٨٤﴾ فَقَالُوْا عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ۚ رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلْقَوْمِ
فرمانبردار آهيو ﴿٨٤﴾ پوءِ انهن چيو تہ اسان الله تي ڀروسو ڪيو، ربّ اسان جا! اسان کي ظالم قوم جي ذريعي نہ
الظّٰلِمِيْنَ ﴿٨٥﴾ وَنَجِّنَا بِرَحْمَتِكَ مِنَ الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٦﴾ وَاَوْحَيْنَآ
آزماءِ ﴿٨٥﴾ ۽ اسان کي پنهنجي رحمت سان (هن) ڪافر قوم کان نجات ڏي ﴿٨٦﴾ ۽ موسيٰ ۽ سندس ڀاءُ
اِلٰى مُوْسٰى وَاَخِيْهِ اَنْ تَبَوَّاٰ لِقَوْمِكُمَا بِمِصْرَ بُيُوْتًا وَّاجْعَلُوْا
ڏانهن وحي ڪيوسون تہ پنهنجي قوم لاءِ مصر ۾ ڪجهہ گهر ٺاهيو ۽ پنهنجن گهرن کي قبلو (يعني مسجدون)
بُيُوْتَكُمْ قِبْلَةً وَّاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ۗ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَقَالَ
ٺاهيو ۽ نماز قائم ڪريو (جيئن خوف کان توهان کي امن نصيب ٿئي) ۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏي ﴿٨٧﴾ ۽ موسيٰ (عليہ السلام)
مُوْسٰى رَبَّنَآ اِنَّكَ اٰتَيْتَ فِرْعَوْنَ وَمَلَاَهٗ زِيْنَةً وَّاَمْوَالًا فِي
چيو تہ ربّ اسان جا! تو فرعون ۽ سندس سردارن کي دنياوي زندگيءَ ۾ زينت ۽ مال، دولت عطا ڪئي آهي. ربّ
الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ رَبَّنَا لِيُضِلُّوْا عَنْ سَبِيْلِكَ ۚ رَبَّنَا اطْمِسْ
اسان جا! جيئن تنهنجي (دين جي) واٽ کان (ٻاڻ گمراہ بہ ٿين ۽ ٻين کي بہ) گمراہ ڪن. ربّ اسان جا! سندن مالن کي
عَلٰٓى اَمْوَالِهِمْ وَاشْدُدْ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْا حَتّٰى
مٽائي (پٽر ڪري) ڇڏ ۽ سندن دلين (تي مهر هڻي انهن) کي سخت ڪري ڇڏ، پوءِ جيستائين ڏکوئيندڙ

يَرَوُا الۡعَذَابَ الۡاَلِيۡمَ ﴿٨٨﴾ قَالَ قَدۡ اُجِيۡبَتۡ دَّعۡوَتُكُمَا

عذاب ڏسن، تيستائين ايمان نہ آڻين ﴿٨٨﴾ (الله تعاليٰ) فرمايو تہ بيشڪ توهان ٻنهي جي دعا قبول ڪئي وئي،

فَاسۡتَقِيۡمَا وَلَا تَتَّبِعٰٓنِّ سَبِيۡلَ الَّذِيۡنَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٨٩﴾ وَ

پوءِ توهان ٻئي (دين جي دعوت تي) قائم رهو ۽ جيڪي ماڻهو علم نٿا رکن، انهن جي واٽ تي نہ هلو ﴿٨٩﴾ ۽

جٰوَزۡنَا بِبَنِيۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ الۡبَحۡرَ فَاَتۡبَعَهُمۡ فِرۡعَوۡنُ وَجُنُوۡدُهٗ بَغۡيًا

اسان بني اسرائيل کي سمنڊ پار ڪرايو. پوءِ فرعون ۽ سندس لشڪر ظلم ۽ سرڪشي ڪندي سندن پويان پيا،

وَّعَدۡوًا ؕ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَدۡرَكَهُ الۡغَرَقُ ۙ قَالَ اٰمَنۡتُ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ

ايستائين جو جڏهن (فرعون) ٻڏڻ لڳو، چوڻ لڳو تہ مون ايمان آندو تہ ڪو معبود نہ آهي، مگر اهو ئي

اِلَّا الَّذِىۡۤ اٰمَنَتۡ بِهٖ بَنُوۡۤا اِسۡرَآءِيۡلَ وَاَنَا مِنَ الۡمُسۡلِمِيۡنَ ﴿٩٠﴾

(هڪڙو معبود) آهي، جنهن تي بنو اسرائيل ايمان آندو آهي ۽ آءٌ مسلمانن مان آهيان ﴿٩٠﴾

آٰلۡـٰٔنَ وَقَدۡ عَصَيۡتَ قَبۡلُ وَكُنۡتَ مِنَ الۡمُفۡسِدِيۡنَ ﴿٩١﴾

(ارشاد فرمايو ويو تہ) ڇا هاڻي تو ايمان آڻين؟ ۽ هن کان اڳ تو نافرماني ڪئي ۽ تون فسادين مان آهين ﴿٩١﴾

فَالۡيَوۡمَ نُنَجِّيۡكَ بِبَدَنِكَ لِتَكُوۡنَ لِمَنۡ خَلۡفَكَ اٰيَةً ؕ وَاِنَّ

پوءِ اڄ اسين تنهنجي (ناپاڪ) لاش کي (درياءَ مان) بچائينداسون تہ جيئن تون پاڻ کان پوين لاءِ عبرتناڪ نشاني

كَثِيۡرًا مِّنَ النَّاسِ عَنۡ اٰيٰتِنَا لَغٰفِلُوۡنَ ﴿٩٢﴾ ع وَلَقَدۡ بَوَّاۡنَا بَنِيۡۤ ع ٩ ١٤

ٿئين ۽ بيشڪ گهڻا ماڻهو اسان جي نشانين کان يقينًا بي خبر آهن ﴿٩٢﴾ ۽ بيشڪ اسان بني اسرائيل کي رهڻ

اِسۡرَآءِيۡلَ مُبَوَّاَ صِدۡقٍ وَّرَزَقۡنٰهُمۡ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ۚ فَمَا اخۡتَلَفُوۡا

جي سچي جاءِ عطا ڪئي ۽ کين پاڪ شين مان روزي ڏني سون، پوءِ انهن (حضرت محمد ﷺ جي پيغمبريءَ ۽ سندن

حَتّٰى جَآءَهُمُ الۡعِلۡمُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ يَقۡضِىۡ بَيۡنَهُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ

سچائيءَ ۾) اختلاف نہ ڪيو، تانجو وٽن علم (يعني حضرت محمد ﷺ جن جو وجود مسعود يا قرآن مجيد) آيو. بيشڪ

فِيۡمَا كَانُوۡا فِيۡهِ يَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿۹۳﴾ فَاِنۡ كُنۡتَ فِىۡ شَكٍّ مِّمَّاۤ اَنۡزَلۡنَاۤ

تنھنجو ربّ قيامت جي ڏينھن انھن ڳالھين ۾ فيصلو ڪندو، جن ۾ اھي اختلاف ڪن ٿا ﴿۹۳﴾ پوءِ جيڪڏھن توکي پنھنجي

اِلَيۡكَ فَسۡـَٔلِ الَّذِيۡنَ يَقۡرَءُوۡنَ الۡكِتٰبَ مِنۡ قَبۡلِكَ ۚ لَقَدۡ جَآءَكَ

ربّ جي لاٿل (قرآن) جي باري ۾ شڪ آھي تہ پوءِ انھن ماڻھن کان پڇي ڏس، جيڪي توکان اڳ ڪتاب پڙھندا

الۡحَـقُّ مِنۡ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡمُمۡتَرِيۡنَ ﴿۹۴﴾ وَلَا تَكُوۡنَنَّ مِنَ

ھئا. بيشڪ تو وٽ تنھنجي ربّ جي طرفان حقّ آيو آھي، پوءِ ھرگز شڪ ڪندڙن مان نہ ٿيءُ ﴿۹۴﴾ ۽ ھرگز انھن

الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَتَكُوۡنَ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ﴿۹۵﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ

ماڻھن مان نہ ٿيءُ، جن الله جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو، نہ تہ تون نقصان وارن مان ٿيندين ﴿۹۵﴾ بيشڪ جن ماڻھن

حَقَّتۡ عَلَيۡهِمۡ كَلِمَتُ رَبِّكَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۹۶﴾ وَلَوۡ جَآءَتۡهُمۡ كُلُّ

تي تنھنجي ربّ (جي عذاب) جو حڪم واجب ٿي چڪو آھي، اھي ايمان نہ آڻيندا ﴿۹۶﴾ ۽ جيتوڻيڪ

اٰيَةٍ حَتّٰى يَرَوُا الۡعَذَابَ الۡاَلِيۡمَ ﴿۹۷﴾ فَلَوۡلَا كَانَتۡ قَرۡيَةٌ

انھن وٽ ھر قسم جي نشاني اچي، تانجو ڏکوئيندڙ عذاب ڏسن ﴿۹۷﴾ پوءِ (عذاب اچڻ وقت) ايمان آڻيندڙ

اٰمَنَتۡ فَنَفَعَهَاۤ اِيۡمَانُهَاۤ اِلَّا قَوۡمَ يُوۡنُسَ ؕ لَمَّاۤ اٰمَنُوۡا كَشَفۡنَا

ڪا قوم نہ ھئي، جنھن کي سندس ايمان فائدو ڏنو ھجي، مگر يونس (عليه السلام) جي قوم. جڏھن انھن ايمان آندو تہ

عَنۡهُمۡ عَذَابَ الۡخِزۡىِ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَمَتَّعۡنٰهُمۡ اِلٰى حِيۡنٍ ﴿۹۸﴾

اسان انھن تان دنياوي زندگيءَ ۾ ذلت وارو عذاب ھٽائي ڇڏيو ۽ ڪين ڪجھ وقت تائين فائدو ڏنوسون ﴿۹۸﴾

وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَاٰمَنَ مَنْ فِى الْاَرْضِ كُلُّهُمْ جَمِيْعًا ؕ اَفَاَنْتَ تُكْرِهُ

۽ جيڪڏهن تنهنجو ربّ گهري ها تہ جيڪي بہ (ماڻهو) زمين ۾ آهن، ضرور اهي سڀ گڏجي ايمان آڻين ها. ڇا پوءِ

النَّاسَ حَتّٰى يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٩٩﴾ وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تُؤْمِنَ اِلَّا

(اي محمد ﷺ!) تون ماڻهن کي مجبور ڪندين تہ اهي مؤمن ٿين؟ ﴿٩٩﴾ ۽ ڪو نفس الله جي حڪم کان سواءِ ايمان نٿو آڻي ۽ (الله

بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَيَجْعَلُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٠﴾ قُلِ

پاڪ ڪفر جي) پليتي (۽ لعنت ۽ عذاب) انهن ماڻهن تي مسلط ڪري ٿو، جيڪي عقل کان ڪم نٿا وٺن ﴿١٠٠﴾ (اي محمد ﷺ!)

انْظُرُوْا مَاذَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَمَا تُغْنِى الْاٰيٰتُ وَالنُّذُرُ

فرماءِ تہ توهان ڏسو تہ آسمانن ۽ زمين ۾ (الله جي توحيد لاءِ) ڪيتريون (نشانيون) آهن ۽ جيڪي ماڻهو ايمان نٿا آڻين،

عَنْ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠١﴾ فَهَلْ يَنْتَظِرُوْنَ اِلَّا مِثْلَ اَيَّامِ الَّذِيْنَ

تن کي نشانين ۽ ڊيڄارڻ مان ڪو فائدو نٿو ٿئي ﴿١٠١﴾ پوءِ انتظار نٿا ڪن، مگر پاڻ کان اڳين ماڻهن وانگر عذاب جي

خَلَوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ قُلْ فَانْتَظِرُوْۤا اِنِّىْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾

اچڻ جو. (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ پوءِ توهان انتظار ڪريو، بيشڪ آءٌ بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان ﴿١٠٢﴾

ثُمَّ نُنَجِّىْ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كَذٰلِكَ ۚ حَقًّا عَلَيْنَا نُنْجِ

پوءِ اسان پنهنجن رسولن ۽ مؤمنن کي (ڪوڙن ماڻهن تي واقع ٿيندڙ عذاب کان) نجات ڏيندا آهيون. اهڙي طرح مؤمنن کي نجات

الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾ ع قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِىْ شَكٍّ مِّنْ دِيْنِىْ ع ١٠ ١٥

ڏيڻ اسان تي حقّ آهي ﴿١٠٣﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ اي انسانو! جيڪڏهن توهان منهنجي دين جي باري ۾ شڪ ۾ آهيو تہ پوءِ آءٌ الله

فَلَاۤ اَعْبُدُ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ اَعْبُدُ اللّٰهَ

کان سواءِ انهن (بتن) جي بندگي نٿو ڪريان، جن جي توهان عبادت ڪريو ٿا ۽ پر آءٌ ان الله جي عبادت ڪريان ٿو،

الَّذِیۡ یَتَوَفّٰىكُمۡ ۖۚ وَ اُمِرۡتُ اَنۡ اَكُوۡنَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ ۙ﴿۱۰۴﴾ وَ اَنۡ

جيڪو توهان کي ماري ٿو ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته آءٌ مؤمنن مان ٿيان ﴿۱۰۴﴾ ۽ هيءُ

اَقِمۡ وَجۡهَكَ لِلدِّیۡنِ حَنِیۡفًا ۚ وَ لَا تَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡمُشۡرِكِیۡنَ ﴿۱۰۵﴾

ته (باطل کي ڇڏي، حقّ ڏانهن متوجّه ٿي)، پنهنجي دين حنيف تي قائم رهه ۽ هرگز مشرڪن مان نه ٿيءُ ﴿۱۰۵﴾

وَلَا تَدۡعُ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا یَنۡفَعُكَ وَلَا یَضُرُّكَ ۚ فَاِنۡ فَعَلۡتَ

۽ الله کي ڇڏي انهن (باطل معبودن) کي نه سڏ، جيڪي نه تو کي فائدو ڏين ٿا ۽ نه تو کي نقصان پهچائين ٿا. پوءِ جيڪڏهن

فَاِنَّكَ اِذًا مِّنَ الظّٰلِمِیۡنَ ﴿۱۰۶﴾ وَاِنۡ یَّمۡسَسۡكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ

(ائين) ڪندين ته ان وقت تون ظالمن مان ٿيندين ﴿۱۰۶﴾ ۽ جيڪڏهن الله تو کي ڪا تڪليف پهچائي ته الله کان سواءِ ڪو ان کي

لَهٗۤ اِلَّا هُوَ ۚ وَاِنۡ یُّرِدۡكَ بِخَیۡرٍ فَلَا رَآدَّ لِفَضۡلِهٖ ؕ یُصِیۡبُ بِهٖ مَنۡ

هٽائيندڙ نه آهي ۽ جيڪڏهن الله تو کي ڀلائي پهچائڻ گهري ته ڪو سندس فضل کي روڪيندڙ نه آهي. پنهنجن ٻانهن مان

یَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖ ؕ وَهُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِیۡمُ ﴿۱۰۷﴾ قُلۡ یٰۤاَیُّهَا النَّاسُ قَدۡ

جنهن کي گهري ٿو، فائدو پهچائي ٿو ۽ اهو بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ﴿۱۰۷﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ ته اي انسانو! توهان وٽ

جَآءَكُمُ الۡحَقُّ مِنۡ رَّبِّكُمۡ ۚ فَمَنِ اهۡتَدٰی فَاِنَّمَا یَهۡتَدِیۡ لِنَفۡسِهٖ ۚ

توهان جي ربّ جي طرفان حقّ (يعني قرآن) آيو آهي، پوءِ جيڪو هدايت تي هلندو، پنهنجي لاءِ هدايت تي هلندو ۽

وَمَنۡ ضَلَّ فَاِنَّمَا یَضِلُّ عَلَیۡهَا ۚ وَمَاۤ اَنَا عَلَیۡكُمۡ بِوَكِیۡلٍ ﴿۱۰۸﴾ ؕ وَاتَّبِعۡ

جيڪو گمراه ٿيندو ته سندس گمراهيءَ جو وبال مٿس آهي ۽ آءٌ توهان تي نگران نه آهيان ﴿۱۰۸﴾ ۽ پيروي ڪر ان وحيءَ جي،

مَا یُوۡحٰۤی اِلَیۡكَ وَاصۡبِرۡ حَتّٰی یَحۡكُمَ اللّٰهُ ۖۚ وَهُوَ خَیۡرُ الۡحٰكِمِیۡنَ ﴿۱۰۹﴾ ع

جيڪو تو ڏانهن موڪليو وڃي ٿو ۽ صبر ڪر، تانجو الله فيصلو فرمائي ۽ اهو ئي بهترين فيصلو ڪندڙ آهي ﴿۱۰۹﴾

(١١) سُوْرَةُ هُوْدٍ مَّكِّيَّةٌ (٥٢)

اٰيَاتُهَا ١٢٣ رُكُوْعَاتُهَا ١٠

سورة هود مڪي آهي ۽ هن ۾ هڪ سو ٽيويهہ آيتون ۽ ڏهہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو بخشيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

الٓرٰ قف كِتٰبٌ اُحْكِمَتْ اٰيٰتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتْ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ خَبِيْرٍ ① اَلَّا

الٓرٰ. آءٌ ٿي خدا آهيان جو ڏسان ٿو. هيءُ هڪ ڪتاب آهي، جنهن جون آيتون محڪم ڪيون ويون آهن، پوءِ حڪمت واري

ڄاڻندڙ الله جي طرفان بيان ڪيون ويون آهن ① (هن ڪتاب جو حڪم آهي) تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو،

تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنَّنِيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ ② وَّاَنِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ

بيشڪ آءٌ توهان ڏانهن سندس طرفان ڊيڄاريندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ٿي آيو آهيان ② ۽ هيءُ تہ پنهنجي ربّ کان بخشش

ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ يُمَتِّعْكُمْ مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّيُؤْتِ كُلَّ ذِيْ

گهرو، پوءِ وٽس توبہ ڪريو، توهان کي مقرر مدت تائين (زندگيءَ جو) سهڻو سامان ڏيندو ۽ هر فضل واري کي پنهنجو

فَضْلٍ فَضْلَهٗ ؕ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ كَبِيْرٍ ③

فضل (يعني جنت) ڏيندو ۽ جيڪڏهن ڦري ويا تہ پوءِ مون کي توهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب جو خوف آهي ③

اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ④ اَلَآ اِنَّهُمْ يَثْنُوْنَ

توهان سڀني کي الله تعاليٰ ڏانهن موٽڻو آهي ۽ اهو هر شيءِ تي وس وارو آهي ④ ٻڌو! بيشڪ (ڪافر حضرت محمد ﷺ سان

صُدُوْرَهُمْ لِيَسْتَخْفُوْا مِنْهُ ؕ اَلَا حِيْنَ يَسْتَغْشُوْنَ ثِيَابَهُمْ ۙ

دشمنيءَ سبب) پنهنجن سينن کي موڙين ٿا تہ جيئن ان کان لڪن. ٻڌو! جڏهن پنهنجن ڪپڙن ۾ ويڙهيل سيڙهيل هوندا آهن،

يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۚ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ⑤

تڏهن بہ (الله) سندن ڳجهين ۽ سندن ظاهري ڳالهين کي ڄاڻندو آهي. بيشڪ اهو تہ سينن جي رازن کي ٻہ ڄاڻڻ وارو آهي ⑤

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا وَيَعْلَمُ

سڄي زمين ۾ هر چرندڙ پرندڙ جاندار جي روزي الله تي آهي (جيڪو سندس فضل آهي، مٿس فرض نه آهي.) اهو ان جي رهڻ

مُسْتَقَرَّهَا وَمُسْتَوْدَعَهَا ؕ كُلٌّ فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦﴾ وَهُوَ الَّذِيْ

جي جاءِ ۽ ان جي موٽڻ (يعني مرڻ) جي جاءِ به ڄاڻي ٿو. هر هڪ شيءِ روشن ڪتاب (يعني لوح محفوظ) ۾ آهي (٦) اهو

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ وَّكَانَ عَرْشُهٗ عَلَى

الله ئي آهي، جنهن ڇهن ڏينهن ۾ آسمانن ۽ زمين کي پيدا فرمايو ۽ سندس عرش پاڻيءَ تي هو ته

الْمَآءِ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ وَلَئِنْ قُلْتَ اِنَّكُمْ مَّبْعُوْثُوْنَ

جيئن توهان کي آزمائي ته ڪير توهان مان چڱا عمل ڪندڙ آهي ۽ جيڪڏهن ڪين چوندين ته مرڻ

مِنْۢ بَعْدِ الْمَوْتِ لَيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا سِحْرٌ

کان پوءِ توهان کي بيهر جياريو ويندو ته يقينًا ڪافر چوندا ته اهو ته پڌرو جادو (۽ فريب)

مُّبِيْنٌ ﴿٧﴾ وَلَئِنْ اَخَّرْنَا عَنْهُمُ الْعَذَابَ اِلٰۤى اُمَّةٍ مَّعْدُوْدَةٍ

آهي (٧) ۽ جيڪڏهن مقرر مدت تائين انهن تان عذاب کي روڪيون ته ضرور چوندا ته ڪهڙي شيءِ ان کي

لَّيَقُوْلُنَّ مَا يَحْبِسُهٗ ؕ اَلَا يَوْمَ يَاْتِيْهِمْ لَيْسَ مَصْرُوْفًا عَنْهُمْ

روڪي ٿي. ٻڌو! جنهن ڏينهن انهن تي (عذاب) ايندو، (تنهن ڏينهن) ڪو به انهن تان (عذاب) کي هٽائڻ وارو نه

-ع ۱- وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٨﴾ ع وَلَئِنْ اَذَقْنَا الْاِنْسَانَ

هوندو ۽ جيڪي ٺٺوليون اهي ڪن ٿا، سي کين وڪوڙي وٺنديون (٨) ۽ جيڪڏهن اسين انسان کي پنهنجي

مِنَّا رَحْمَةً ثُمَّ نَزَعْنٰهَا مِنْهُ ۚ اِنَّهٗ لَيَئُوْسٌ كَفُوْرٌ ﴿٩﴾ وَلَئِنْ اَذَقْنٰهُ

طرفان رحمت (۽ روزي) چکايون ٿا، پوءِ اها ان کان کسيون ٿا ته بيشڪ اهو نااميد، ناشڪرو ٿئي ٿو (٩) ۽ جيڪڏهن

نَعْمَآءَ بَعْدَ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُ لَيَقُوْلَنَّ ذَهَبَ السَّيِّاٰتُ عَنِّيْ ۭ اِنَّهٗ

ڪيس تڪليف پهچڻ کان پوءِ نعمت چکايون ٿا تہ چوندو آهي تہ يقينًا مون تان سختيون ٽري ويون. بيشڪ ان وقت اهو

لَفَرِحٌ فَخُوْرٌ ۝١٠ۙ اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ

خوشيون (۽) فخر ڪندڙ هوندو آهي ۝١٠ سواءِ انهن ماڻهن جي، جن (قدرت جي سختين تي) صبر ڪيو ۽ چڱا ڪم

لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ ۝١١ فَلَعَلَّكَ تَارِكٌۢ بَعْضَ مَا يُوْحٰٓى

ڪيائون، تہ انهن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي ۝١١ پوءِ (اي مُحَمَّد ﷺ!) جيڪو وحي تو ڏانهن ڪيو وڃي ٿو، شايد ان مان ڪجهہ

اِلَيْكَ وَضَاۗىِٕقٌۢ بِهٖ صَدْرُكَ اَنْ يَّقُوْلُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ كَنْزٌ

حصي ڪي (يعني سندن بتن جي برائيءَ ڪي) تون ڇڏي ڏين ۽ (دين جي تبليغ نہ ڪرين) ۽ سندن هن چوڻ سبب

اَوْ جَاۗءَ مَعَهٗ مَلَكٌ ۭ اِنَّمَآ اَنْتَ نَذِيْرٌ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ

تنهنجو سينو تنگ ٿيندڙ آهي تہ هن (حضرت محمد ﷺ) تي ڪو خزانو ڇو نہ ٿو لاٿو وڃي، يا وٽس ڪو فرشتو ڇو نٿو اچي؟
(جيڪو اسان جي سامهون سندس سچائي جي شاهدي ڏي.) بيشڪ تون تہ هڪ ڊيڄاريندڙ آهين ۽ الله هر شيءِ تي نگران

وَّكِيْلٌ ۝١٢ۭ اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۭ قُلْ فَاْتُوْا بِعَشْرِ سُوَرٍ مِّثْلِهٖ

آهي ۝١٢ يا چون ٿا تہ قرآن ڪي (معاذ الله! محمد ﷺ) پاڻ ٺاهيو آهي. فرماءِ تہ پوءِ اهڙيون گهڙيل ڏهہ سورتون توهان بہ آڻي

مُفْتَرَيٰتٍ وَّادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ

ڏيکاريو ۽ الله کان سواءِ، جنهن کي بہ (مدد لاءِ) سڏي سگهو ٿا تن کي سڏيو، جيڪڏهن توهين (پنهنجي انهيءَ دعويٰ ۾) سچا

صٰدِقِيْنَ ۝١٣ فَاِلَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اُنْزِلَ بِعِلْمِ

آهيو ۝١٣ پوءِ جيڪڏهن توهان کي جواب نہ ڏين (۽ اهڙيون سورتون ٺاهي نہ سگهن) تہ پوءِ ڄاڻو تہ در اصل قرآن الله جي علم مطابق

اللّٰهِ وَاَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ۝١٤ مَنْ كَانَ

لاٿو ويو آهي ۽ هي ۽ تہ الله کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي. ڇا پوءِ توهان الله جي فرمانبرداري ڪرڻ وارا آهيو؟ ۝١٤ جيڪي ماڻهو

يُرِيْدُ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيْهِمْ اَعْمَالَهُمْ فِيْهَا

دنياوي زندگي ۽ ان جي زينت گهرن ٿا، انهن کي دنيا ۾ سندن عملن جو پورو پورو بدلو ڏيون ٿا ۽ انهيءَ باري

وَهُمْ فِيْهَا لَا يُبْخَسُوْنَ ﴿۱۵﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَيْسَ لَهُمْ فِي

۾ سندن لاءِ ڪا گهٽتائي نٿي ڪئي وڃي ﴿۱۵﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن لاءِ آخرت ۾ باهه کان سواءِ ڪجهه نه

الْاٰخِرَةِ اِلَّا النَّارُ ۖ وَحَبِطَ مَا صَنَعُوْا فِيْهَا وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوْا

آهي ۽ دنيا ۾ جيڪي ڪجهه ڪري رهيا آهن، سو سڀ ڇٽ ٿي چڪو ۽ انهن جيڪي ڪم ڪيا، سي سڀ باطل (۽

يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۶﴾ اَفَمَنْ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ وَيَتْلُوْهُ شَاهِدٌ

بيڪار) ٿي ويا ﴿۱۶﴾ (اي محمد ﷺ!) ڇا پوءِ جيڪو شخص پنهنجي ربّ جي طرفان دليل (يعني قرآن) تي آهي ۽ سندس

مِّنْهُ وَمِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ مُوْسٰٓى اِمَامًا وَّ رَحْمَةً ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ

طرفان هڪ شاهد انهيءَ (قرآن) کي پڙهي ٿو ۽ ان کان اڳ موسيٰ (عليه السلام) جو ڪتاب (يعني توريت) امام ۽ رحمت (۽

بِهٖ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ مِنَ الْاَحْزَابِ فَالنَّارُ مَوْعِدُهٗ ۚ فَلَا تَكُ

حجت) هو، (ڪتاب وارن مان) اهي مٿس ايمان آڻين ٿا ۽ (ڪافر) جماعتن مان جيڪو انهيءَ (قرآن) جو انڪار ڪندو ته

فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْهُ ۗ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ

سندس وعدي جي جاءِ دوزخ آهي. پوءِ ان جي باري ۾ ڪنهن شڪ ۾ نه پؤ، بيشڪ اهو تنهنجي ربّ جي طرفان حقّ آهي ۽

لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۷﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ؕ اُولٰٓئِكَ

پر گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين ﴿۱۷﴾ ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جيڪو الله تي ڪوڙ ۽ بهتان هڻي. اهي ئي ماڻهو آهن،

يُعْرَضُوْنَ عَلٰى رَبِّهِمْ وَيَقُوْلُ الْاَشْهَادُ هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ كَذَبُوْا عَلٰى

جن کي (پڇا ڳاڇا لاءِ) پنهنجي ربّ وٽ پيش ڪيو ويندو ۽ شاهدي ڏيندڙ (نبي، فرشتا ۽ مؤمن) چوندا ته اهي ئي ماڻهو

رَبِّهِمْ ۚ اَلَا لَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ۙ﴿۱۸﴾ الَّذِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْ

آهن، جن پنهنجي ربّ تي ڪوڙ هنيو. ٻڌو! ظالمن تي الله جي لعنت آهي ﴿۱۸﴾ (اهي ظالم) جيڪي (ماڻهن کي) الله جي

سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۭ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿۱۹﴾

واٽ کان روڪين ٿا ۽ ان ۾ ڏنگائي (۽ خرابيءَ) جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ اهي آخرت (۾ بدلي جي ڏينهن) جا انڪاري آهن ﴿۱۹﴾

اُولٰۗىِٕكَ لَمْ يَكُوْنُوْا مُعْجِزِيْنَ فِي الْاَرْضِ وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ

(ڪافرن جي) اها ٽولي (اسان کي) زمين ۾ عاجز ڪندڙ نه آهي ۽ سندن لاءِ الله کان سواءِ ڪي به دوست نه آهن

اللّٰهِ مِنْ اَوْلِيَاۗءَ ۘ يُضٰعَفُ لَهُمُ الْعَذَابُ ۭ مَا كَانُوْا يَسْتَطِيْعُوْنَ وقف لازم

(جيڪي انهن تان عذاب کي ٽاري سگهن.) انهن تي عذاب (ٻٽان عذاب) کي وڌايو ويندو. اهي نه (حقّ کي) ٻڌڻ

السَّمْعَ وَمَا كَانُوْا يُبْصِرُوْنَ ﴿۲۰﴾ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ

جي سگهه رکن ٿا ۽ نه (ان جي) ڏسڻ جي سگهه رکن ٿا ﴿۲۰﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن پاڻ کي نقصان ۾ وڌو ۽

وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿۲۱﴾ لَا جَرَمَ اَنَّهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ

جيڪي ٺاهه اهي ٺاهين ٿا، اهي انهن کان ويندا رهيا ﴿۲۱﴾ بيشڪ اهي ئي ماڻهو آخرت ۾ سڀ کان وڌيڪ

هُمُ الْاَخْسَرُوْنَ ﴿۲۲﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَخْبَتُوْٓا

نقصان پوڻ وارا آهن ﴿۲۲﴾ بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ پنهنجي ربّ جي اڳيان

اِلٰى رَبِّهِمْ ۙ اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۳﴾ مَثَلُ

عاجزي ڪيائون، اهي ئي جنتي آهن، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ﴿۲۳﴾ (ڪافر ۽ مؤمن) ٻنهي

الْفَرِيْقَيْنِ كَالْاَعْمٰى وَالْاَصَمِّ وَالْبَصِيْرِ وَالسَّمِيْعِ ۭ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ

ڌرين جو مثال انڌي ۽ ٻوڙي ۽ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ شخص وانگر آهي. ڇا ٻئي مثال ۾ برابر هوندا آهن؟ ڇا توهان

مَثَلًا ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٤﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖۤ ز اِنِّىْ

نصيحت حاصل نٿا ڪريو؟ ﴿٢٤﴾ بيشڪ اسان نوح (عليه السلام) کي سندس قوم ڏانهن موڪليو (جنهن چيو) ته بيشڪ

لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٢٥﴾ اَنْ لَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ

آءٌ توهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان ﴿٢٥﴾ ته الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريو، بيشڪ آءٌ توهان تي ڏکوئيندڙ

عَذَابَ يَوْمٍ اَلِيْمٍ ﴿٢٦﴾ فَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا

عذاب جي ڏينهن جي (اچڻ) کان ڊڄان ٿو ﴿٢٦﴾ پوءِ سندس قوم جي ڪافر سردارن چيو ته (اي نوح عليه السلام!) اسان

نَرٰىكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا وَمَا نَرٰىكَ اتَّبَعَكَ اِلَّا الَّذِيْنَ هُمْ

توکي پاڻ وانگر هڪ بشر ڏسون ٿا ۽ تنهنجن تابعدارن ۾ بہ رڳو اهي ماڻهو ڏسون ٿا، جيڪي اسان ۾ سڀ کان وڌيڪ

اَرَاذِلُنَا بَادِيَ الرَّاْىِ ۚ وَمَا نَرٰى لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍۭ بَلْ

خوار ۽ بي سمجهه آهن ۽ (اي نوح عليه السلام!) اسين توهان کي پاڻ تي (مال ۽ دنيا جي زينت ۾) ڪا فضيلت نٿا ڏسون،

نَظُنُّكُمْ كٰذِبِيْنَ ﴿٢٧﴾ قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ

بلڪ توهان کي ڪوڙو پائيون ٿا ﴿٢٧﴾ (نوح عليه السلام) چيو ته اي منهنجي قوم! ڏسو ته جيڪڏهن آءٌ پنهنجي ربّ جي

رَّبِّيْ وَاٰتٰىنِيْ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِهٖ فَعُمِّيَتْ عَلَيْكُمْ ؕ اَنُلْزِمُكُمُوْهَا

طرفان روشن دليل تي آهيان ۽ (الله تعاليٰ) مون کي پاڻ وٽان رحمت (۽ نبوّت) عطا فرمائي آهي، پوءِ اها (الله جي
رحمت) توهان کان ڳجهي رکي وئي آهي ته ڇا ان جي (قبول ڪرڻ تي) اسان توهان تي زور زبردستي ڪريون ؟ حالانڪ

وَاَنْتُمْ لَهَا كٰرِهُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَيٰقَوْمِ لَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مَالًا ؕ اِنْ

توهان ان کان نفرت ڪندڙ آهيو ﴿٢٨﴾ ۽ اي منهنجي قوم! (الله جي) پيغام پهچائڻ تي توهان کان مال نٿو گهران،

اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ وَمَاۤ اَنَا بِطَارِدِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ اِنَّهُمْ مُّلٰقُوْا

منهنجو اجر ته رڳو الله تي آهي ۽ آءٌ مؤمنن کي (پنهنجي صحبت کان) تڙي ڪڍڻ وارو نه آهيان. بيشڪ اهي پنهنجي

رَبِّهِمْ وَلٰكِنِّيْٓ اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ ﴿٢٩﴾ وَيٰقَوْمِ مَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ

ربّ سان ملاقات ڪندڙ آهن ۽ پر آءٌ توهان کي هڪ جاهل قوم ڏسان ٿو ﴿٢٩﴾ ۽ اي منهنجي قوم! جيڪڏهن ڪين تڙي ڇڏيان

اللّٰهِ اِنْ طَرَدْتُّهُمْ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٣٠﴾ وَلَآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ

ته الله جي مقابلي ۾ منهنجي ڪير مدد ڪندو؟ چا پوءِ نصيحت نٿا وٺو ﴿٣٠﴾ ۽ آءٌ توهان کي نٿو چوان ته مون وٽ الله جا

خَزَآئِنُ اللّٰهِ وَلَآ اَعْلَمُ الْغَيْبَ وَلَآ اَقُوْلُ اِنِّيْ مَلَكٌ وَّلَآ اَقُوْلُ

خزانا (يعني دلين جي ڳجهن جون چاٻيون) آهن ۽ آءٌ غيب نٿو ڄاڻان ۽ آءٌ نٿو چوان ته بيشڪ آءٌ ڪو فرشتو آهيان ۽

لِلَّذِيْنَ تَزْدَرِيْٓ اَعْيُنُكُمْ لَنْ يُّؤْتِيَهُمُ اللّٰهُ خَيْرًا ؕ اَللّٰهُ

جيڪي ماڻهو توهان جي نظرن ۾ خسيس آهن، تن جي باري ۾ نٿو چوان ته الله ڪين ڀلائي نه ڏيندو. جيڪي ڪجهه سندن

اَعْلَمُ بِمَا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ۚۖ اِنِّيْٓ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣١﴾ قَالُوْا

دلين ۾ آهي، ان کي الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي (جيڪڏهن ڪين تڙيندس ته) آءٌ ان وقت ظالمن مان ٿي پوندس ﴿٣١﴾ چيائون ته

يٰنُوْحُ قَدْ جٰدَلْتَنَا فَاَكْثَرْتَ جِدَالَنَا فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ

اي نوح! تو اسان سان جهڳڙو ڪيو، پوءِ اسان سان گهڻوئي جهڳڙو ڪيئي. پوءِ اسان تي اهو عذاب آڻ، جنهن جي

كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٣٢﴾ قَالَ اِنَّمَا يَاْتِيْكُمْ بِهِ اللّٰهُ اِنْ شَآءَ

اسان کي ڌمڪي ڏئين ٿو، جيڪڏهن سچن مان آهين ﴿٣٢﴾ (نوح عليه السلام) چيو ته جيڪڏهن الله گهرندو ته اهوئي توهان

وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿٣٣﴾ وَلَا يَنْفَعُكُمْ نُصْحِيْٓ اِنْ اَرَدْتُّ اَنْ

تي (عذاب) آڻيندو ۽ توهان (ڪيس) عاجز ڪندڙ نه آهيو ﴿٣٣﴾ ۽ جيڪڏهن آءٌ توهان کي نصيحت ڪرڻ گهران ۽ الله

اَنْصَحَ لَكُمْ اِنْ كَانَ اللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يُّغْوِيَكُمْ ؕ هُوَ رَبُّكُمْ قف

توهان کي گمراه ڪرڻ گهري ته توهان کي منهنجي نصيحت فائدو نه ڏيندي. اهوئي توهان جو ربّ آهي ۽ ان ڏانهن ئي

وَإِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٣٤﴾ أَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۖ قُلْ إِنِ افْتَرَيْتُهٗ فَعَلَيَّ

توهان کي موٽايو ويندو ﴿٣٤﴾ يا چون ٿا تہ (پيغمبر پاڪ ﷺ) پاڻ ان (قرآن) کي گهڙيو آهي؟ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ

إِجْرَامِيْ وَأَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُجْرِمُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَأُوْحِيَ إِلٰى نُوْحٍ أَنَّهٗ

تہ جيڪڏهن ان کي مون پاڻ گهڙيو آهي تہ پوءِ منهنجو ڏوهہ مون تي آهي ۽ توهان جيڪي ڏوهہ ڪري رهيا آهيو، آءٌ انهن کان
بيزار (۽ آجو) آهيان ﴿٣٥﴾ ۽ نوح (عليه السلام) ڏانهن وحي موڪليو ويو تہ (الله تعاليٰ جو حڪم ۽ تقدير هيءَ آهي تہ) تنهنجي

لَنْ يُّؤْمِنَ مِنْ قَوْمِكَ إِلَّا مَنْ قَدْ اٰمَنَ فَلَا تَبْتَئِسْ بِمَا

قوم مان جن ماڻهن ايمان آندو آهي، انهن کان وڌيڪ هرگز ڪو ايمان نہ آڻيندو، پوءِ جيڪي ڪم اهي ڪن ٿا، انهن جي

كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَاصْنَعِ الْفُلْكَ بِأَعْيُنِنَا وَوَحْيِنَا وَلَا تُخَاطِبْنِيْ

ڪري تون غم نہ ڪر ﴿٣٦﴾ ۽ اسان جي سامهون ۽ اسان جي وحيءَ مطابق ٻيڙي تيار ڪر ۽ جن ظلم ڪيو آهي، تن جي باري

فِي الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۚ إِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَيَصْنَعُ الْفُلْكَ ۟ وَكُلَّمَا

۾ مون سان نہ ڳالهاءِ، بيشڪ اهي غرق ٿيڻ وارا آهن ﴿٣٧﴾ ۽ هو ٻيڙي ٺاهي رهيو هو ۽ جڏهن بہ ان وٽان سندس قوم جا ڪي

مَرَّ عَلَيْهِ مَلَأٌ مِّنْ قَوْمِهٖ سَخِرُوْا مِنْهُ ۖ قَالَ إِنْ تَسْخَرُوْا مِنَّا

سردار لنگهندا هئا، سانس ٺٺوليون ڪندا هئا. ان چيو تہ جيڪڏهن اسان سان ٺٺوليون ڪريو ٿا تہ پوءِ بيشڪ اسين بہ

فَإِنَّا نَسْخَرُ مِنْكُمْ كَمَا تَسْخَرُوْنَ ﴿٣٨﴾ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ يَّأْتِيْهِ

توهان سان ٺٺوليون ڪنداسون، جيئن توهان ٺٺوليون ڪريو ٿا ﴿٣٨﴾ پوءِ سگهوئي ڄاڻندا تہ ڪير آهي، جنهن

عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَيَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿٣٩﴾ حَتّٰىٓ إِذَا جَآءَ

تي خوار ڪندڙ عذاب اچي ٿو ۽ (ڪير آهي) جنهن تي دائمي عذاب لهي ٿو ﴿٣٩﴾ تانجو جڏهن اسان جو حڪم آيو ۽ تنور

أَمْرُنَا وَفَارَ التَّنُّوْرُ ۙ قُلْنَا احْمِلْ فِيْهَا مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَ

اُٻاميو، (نوح عليه السلام کي) چيوسون تہ ان ۾ هر جنس (جي جانورن) جي هڪ هڪ جوڙي (نر ۽ مادي) ساڻ کڻ ۽ پنهنجن گهر

اَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ وَمَنْ اٰمَنَ ؕ وَمَاۤ اٰمَنَ مَعَهٗۤ

وارن ۽ مؤمنن کي بہ سوار ڪر، مگر جنهن جي باري ۾ (عذاب جو) حڪم گذري چڪو آهي ۽ متس ايمان آڻيندڙ ڪي گهٽ

اِلَّا قَلِيْلٌ ﴿٤٠﴾ وَقَالَ ارْكَبُوْا فِيْهَا بِسْمِ اللّٰهِ مَجْرٖىهَا وَمُرْسٰىهَا ؕ

ماڻهو هئا ﴿٤٠﴾ ۽ (نوح عليه السلام) چيو تہ منجهس چڙهو، الله جي نالي سان ئي ان جو هلڻ ۽ ان جو بيهڻ آهي،

اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٤١﴾ وَهِيَ تَجْرِيْ بِهِمْ فِيْ مَوْجٍ كَالْجِبَالِ ۟ قف وَ

بيشڪ منهنجو ربّ بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ﴿٤١﴾ ۽ ٻيڙي انهن کي جبلن جيڏين موجن ۾ ڪٽي هلي رهي هئي ۽

نَادٰى نُوْحُ ۨابْنَهٗ وَكَانَ فِيْ مَعْزِلٍ يّٰبُنَيَّ ارْكَبْ مَّعَنَا وَلَا تَكُنْ

نوح (عليه السلام) ڪناري تي بيٺل پنهنجي (ڪافر) پٽ (ڪنعان) کي سڏي چيو تہ منهنجا پٽڙا! اسان سان (ٻيڙيءَ ۾) سوار

مَّعَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٤٢﴾ قَالَ سَاٰوِيْۤ اِلٰى جَبَلٍ يَّعْصِمُنِيْ مِنَ الْمَآءِ ؕ

ٿيءُ ۽ ڪافرن مان نہ ٿيءُ ﴿٤٢﴾ (ڪنعان) چيو تہ سگهوئي ڪنهن جبل تي چڙهندس، جيڪو مون کي پاڻيءَ (۾ ٻڏڻ) کان

قَالَ لَا عَاصِمَ الْيَوْمَ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ ۚ وَحَالَ بَيْنَهُمَا

بچائيندو. (نوح عليه السلام) چيو تہ اڄ الله جي حڪم کان ڪو بچائيندڙ نہ آهي، مگر جنهن تي اهو رحم فرمائي ۽ ٻنهي (ڪنعان

الْمَوْجُ فَكَانَ مِنَ الْمُغْرَقِيْنَ ﴿٤٣﴾ وَقِيْلَ يٰۤاَرْضُ ابْلَعِيْ مَآءَكِ

۽ ٻيڙيءَ) جي وچ ۾ موج اچي وئي، پوءِ اهو (ڪنعان) غرق ٿيندڙن مان ٿي ويو ﴿٤٣﴾ ۽ چيو ويو تہ اي زمين! پنهنجي پاڻيءَ

وَيٰسَمَآءُ اَقْلِعِيْ وَغِيْضَ الْمَآءُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ وَاسْتَوَتْ عَلَى

کي ڇُهي وٺ ۽ اي آسمان! پنهنجو پاڻي وسائڻ بند ڪر ۽ پاڻي سُڪايو ويو ۽ ڪم پورو ڪيو ويو ۽ (ٻيڙي) جودي جبل تي

الربع

الْجُوْدِيِّ وَقِيْلَ بُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٤﴾ وَنَادٰى نُوْحٌ رَّبَّهٗ

بيني ۽ چيو ويو تہ ظالم قوم لاءِ (رحمت کان) دوري (يعني سندن لاءِ هلاڪت) آهي ﴿٤٤﴾ ۽ نوح پنهنجي ربّ کي سڏيو تہ ربّ

قراءة حفص بفتح الميم وامالة الراء

فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابْنِیْ مِنْ اَهْلِیْ وَ اِنَّ وَعْدَكَ الْحَقُّ وَ اَنْتَ

منهنجا! بيشڪ منهنجو پٽ منهنجي اهل مان آهي ۽ بيشڪ تنهنجو وعدو سچو آهي (تہ مون کي ۽ منهنجن گھر وارن

اَحْكَمُ الْحٰكِمِیْنَ ﴿٤٥﴾ قَالَ یٰنُوْحُ اِنَّهٗ لَیْسَ مِنْ اَهْلِكَ ۚ اِنَّهٗ

کي بچائيندين) ۽ تون ئي احڪم الحاڪمين آهين ﴿٤٥﴾ (الله) فرمايو تہ اي نوح! (عليه السلام) بيشڪ اهو تنهنجي اهل مان نہ

عَمَلٌ غَیْرُ صَالِحٍ ۖ فَلَا تَسْـَٔلْنِ مَا لَیْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنِّیْۤ

آهي، بيشڪ اهو غير صالح عمل آهي، پوءِ جنهن ڳالھ جو توکي علم نہ آهي، سا مون کان نہ گھر. بيشڪ

اَعِظُكَ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِیْنَ ﴿٤٦﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّیْۤ اَعُوْذُ بِكَ

آءٌ توکي نصيحت ڪريان ٿو تہ تون نادانن مان (نہ) ٿيءُ ﴿٤٦﴾ (نوح عليه السلام) چيو تہ ربّ منهنجا! بيشڪ آءٌ تنهنجي پناھ

اَنْ اَسْـَٔلَكَ مَا لَیْسَ لِیْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَ اِلَّا تَغْفِرْ لِیْ وَ تَرْحَمْنِیْۤ

وٺان ٿو تہ توکان اها شيءِ گھران، جنهن جو مون کي علم نہ آهي ۽ جيڪڏهن (منهنجي نادانيءَ تي) مون کي نہ

اَكُنْ مِّنَ الْخٰسِرِیْنَ ﴿٤٧﴾ قِیْلَ یٰنُوْحُ اهْبِطْ بِسَلٰمٍ مِّنَّا وَ بَرَكٰتٍ

بخشيندين ۽ مون تي رحم نہ ڪندين تہ بيشڪ آءٌ نقصان (پوڳڻ) وارن مان ٿيندس ﴿٤٧﴾ چيو ويو تہ اي نوح! (عليه السلام) اسان جي طرفان
سلامتيءَ سان لھہ، توتي بہ اسان جون برڪتون آهن ۽ (تنهنجي نسل مان) انهن امتن تي بہ (اسان جون برڪتون آهن)، جيڪي توسان

عَلَیْكَ وَ عَلٰۤى اُمَمٍ مِّمَّنْ مَّعَكَ ؕ وَ اُمَمٌ سَنُمَتِّعُهُمْ ثُمَّ یَمَسُّهُمْ

گڏ آهن ۽ ڪي امتون اهي آهن، جن کي سگھوئي فائدو پهچائينداسون، پوءِ کين اسان جي طرفان ڏکوئيندڙ عذاب

مِّنَّا عَذَابٌ اَلِیْمٌ ﴿٤٨﴾ تِلْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَیْبِ نُوْحِیْهَاۤ اِلَیْكَ ۚ مَا

پهچندو ﴿٤٨﴾ (اي محمّد صلى الله عليه وسلم!) اهي ڳجھ جون ڪي خبرون آهن، جيڪي توکي وحيءَ جي ذريعي ڏيون ٿا. نہ تون هن

كُنْتَ تَعْلَمُهَاۤ اَنْتَ وَ لَا قَوْمُكَ مِنْ قَبْلِ هٰذَا ۛؕ فَاصْبِرْ ۛؕ اِنَّ

کان اڳ ۾ انهن کي ڄاڻندو هئين ۽ نہ تنهنجي قوم (انهن کي ڄاڻندي هئي.) پوءِ صبر ڪر. بيشڪ پڇاڙي (يعني آخرڪار فتح

معانقة ٩ عند المتأخرين
الوقف على الأول أحسن أو الثاني

الْعَاقِبَةَ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٩﴾ وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ ع ۴ ۴ ۴

۽ڪاميابي) پرهيزگارن لاءِ آهي ﴿٤٩﴾ ۽ عاد ڏانهن سندن (نسبي) ڀاءُ هود کي موڪليوسون. ان چيو ته اي منهنجي قوم! هڪ الله

اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا مُفْتَرُوْنَ ﴿٥٠﴾

جي عبادت ڪريو، ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود نه آهي. (شرڪ جي باري ۾) توهان ته رڳو بهتان گهڙيو ٿا ﴿٥٠﴾

يٰقَوْمِ لَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا ؕ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى الَّذِيْ فَطَرَنِيْ ؕ

اي منهنجي قوم! آءٌ توهان کان (الله جو) پيغام پهچائڻ تي ڪو اجر نٿو گهران. منهنجو اجر ته الله تي آهي، جنهن

اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٥١﴾ وَيٰقَوْمِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ

مون کي پيدا ڪيو. ڇا پوءِ عقل کان ڪم نٿا وٺو؟ ﴿٥١﴾ ۽ اي منهنجي قوم! پنهنجي ربّ کان بخشش گهرو پوءِ انهيءَ وٽ

يُرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا وَّيَزِدْكُمْ قُوَّةً اِلٰى قُوَّتِكُمْ وَلَا

توبه ڪريو، توهان لاءِ آسمان تان لڳاتار برسات وسائيندو ۽ توهان کي طاقت مٿان طاقت ۾ وڌائيندو ۽ توهان

تَتَوَلَّوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿٥٢﴾ قَالُوْا يٰهُوْدُ مَا جِئْتَنَا بِبَيِّنَةٍ وَّمَا نَحْنُ

ڏوهاري ٿي پٺي نه ڦيرايو ﴿٥٢﴾ انهن چيو ته اي هود! (عليه السلام) تو اسان وٽ ڪا نشاني آندي ۽ نه ئي اسين تنهنجي

بِتَارِكِيْٓ اٰلِهَتِنَا عَنْ قَوْلِكَ وَمَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥٣﴾ اِنْ نَّقُوْلُ

چوڻ تي پنهنجن معبودن کي ڇڏڻ وارا آهيون ۽ نه ئي اسين توتي ايمان آڻڻ وارا آهيون ﴿٥٣﴾ اسين ته اهوئي چئون ٿا ته

اِلَّا اعْتَرٰىكَ بَعْضُ اٰلِهَتِنَا بِسُوْٓءٍ ؕ قَالَ اِنِّيْٓ اُشْهِدُ اللّٰهَ وَاشْهَدُوْٓا

اسان جي ڪن معبودن توتي برائي (۽ جنون) مسلط ڪيو آهي. (هود عليه السلام) چيو ته بيشڪ آءٌ الله کي شاهد ڪريان ٿو ۽

اَنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ﴿٥٤﴾ مِنْ دُوْنِهٖ فَكِيْدُوْنِيْ جَمِيْعًا ثُمَّ

توهان به شاهد رهو ته توهان الله کي ڇڏي، جيڪو شرڪ ڪريو ٿا، تنهن کان آءٌ بيزار آهيان ﴿٥٤﴾ پوءِ سڀ گڏجي منهنجي

لَا تُنْظِرُوْنِ ﴿٥٥﴾ اِنِّىْ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ رَبِّىْ وَرَبِّكُمْ ؕ مَا مِنْ دَآبَّةٍ

خلاف ڳجهي تدبير ڪريو (۽ دشمني نڀايو.) پوءِ مون کي مهلت نه ڏيو ﴿٥٥﴾ بيشڪ مون الله تي ڀروسو ڪيو، جيڪو منهنجو به

اِلَّا هُوَ اٰخِذٌۢ بِنَاصِيَتِهَا ؕ اِنَّ رَبِّىْ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٥٦﴾ فَاِنْ

ربّ آهي ۽ توهان جو به ربّ آهي. جيڪا به چرندڙ پرندڙ ساهواري شيءِ آهي، تنهن جي پيشاني الله جي هٿ ۾ آهي.

تَوَلَّوْا فَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ مَّاۤ اُرْسِلْتُ بِهٖۤ اِلَيْكُمْ ؕ وَيَسْتَخْلِفُ رَبِّىْ

بيشڪ منهنجو ربّ سڌيءَ واٽ تي آهي ﴿٥٦﴾ پوءِ جيڪڏهن توهان پٺي ڦيرايو ٿا ته پوءِ بيشڪ جيڪو پيغام ڏئي مون کي توهان
ڏانهن موڪليو ويو آهي، سو توهان کي پهچائي چڪو آهيان ۽ منهنجو ربّ (توهان کي هلاڪ ڪري) توهان جي جاءِ تي ڪنهن

قَوْمًا غَيْرَكُمْ ۚ وَلَا تَضُرُّوْنَهٗ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ رَبِّىْ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ

ٻيءَ قوم کي توهان جو جانشين ڪندو ۽ توهان ڪيس نقصان ڏئي نه سگهندا. بيشڪ منهنجو ربّ هر شيءِ جي حفاظت

حَفِيْظٌ ﴿٥٧﴾ وَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا هُوْدًا وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ

ڪندڙ آهي ﴿٥٧﴾ ۽ جڏهن اسان جو حڪم آيو ته هود (عليه السلام) ۽ جيڪي ماڻهو ان سان گڏ هئا، تن کي پنهنجي

بِرَحْمَةٍ مِّنَّا ۚ وَنَجَّيْنٰهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ ﴿٥٨﴾ وَتِلْكَ عَادٌ ۙ قف

رحمت سان نجات ڏني سون ۽ کين سخت عذاب کان بچايوسون ﴿٥٨﴾ ۽ اهي آهن عاد وارا، جن پنهنجي ربّ جي نشانين

جَحَدُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَعَصَوْا رُسُلَهٗ وَاتَّبَعُوْۤا اَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ

جو انڪار ڪيو ۽ سندس رسولن جي نافرماني ڪيائون ۽ هر هٺيلي (يعني حقّ جي مخالف، دين) دشمن جي حڪم

عَنِيْدٍ ﴿٥٩﴾ وَاُتْبِعُوْا فِىْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً وَّيَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اَلَاۤ

جي پيروي ڪيائون ﴿٥٩﴾ ۽ مٿن هن دنيا ۾ به لعنت مڙهي وئي ۽ قيامت جي ڏينهن به (مٿن لعنت آهي.) ٻڌو! بيشڪ

ع ٥ ٥ اِنَّ عَادًا كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا بُعْدًا لِّعَادٍ قَوْمِ هُوْدٍ ﴿٦٠﴾ ع وَاِلٰى ثَمُوْدَ

(قوم) عاد پنهنجي ربّ جو انڪار ڪيو. ٻڌو! هود (عليه السلام) جي قوم (عاد) تي لعنت آهي ﴿٦٠﴾ ۽ (قوم) ثمود ڏانهن سندن

اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ

(نسبي) ڀاءُ صالح (؏) کي موڪليوسون. انهيءَ چيو تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، ان ڪان سواءِ توهان

غَيْرُهٗ ؕ هُوَ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَاسْتَعْمَرَكُمْ فِيْهَا فَاسْتَغْفِرُوْهُ

جو ڪو معبود نہ آهي. انهيءَ توهان کي زمين مان پيدا ڪيو ۽ منجهس ئي توهان کي آباد ڪيائين. پوءِ ان ڪان ڳناهن جي

ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ؕ اِنَّ رَبِّيْ قَرِيْبٌ مُّجِيْبٌ ﴿٦١﴾ قَالُوْا يٰصٰلِحُ قَدْ كُنْتَ

بخشش گهرو ۽ ان وٽ توبه ڪريو. بيشڪ منهنجو ربّ ويجهو ۽ دعا قبول ڪندڙ آهي ﴿٦١﴾ انهن چيو تہ اي صالح! (؏) بيشڪ

فِيْنَا مَرْجُوًّا قَبْلَ هٰذَآ اَتَنْهٰىنَآ اَنْ نَّعْبُدَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا وَ

هن ڪان اڳ تون اسان ۾ اميدن جو مرڪز هئين. ڇا اسان کي روڪين ٿو تہ جن (بتن) جي بندگي اسان جا ابا ڏاڏا ڪندا هئا،

اِنَّنَا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ﴿٦٢﴾ قَالَ يٰقَوْمِ

تن جي بندگي نہ ڪريون ۽ بيشڪ جنهن (دين) ڏانهن اسان کي سڏين ٿو، ان جي باري ۾ اسان شڪ ۾ آهيون ﴿٦٢﴾ (صالح

اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَاٰتٰىنِيْ مِنْهُ رَحْمَةً

؏) چيو تہ اي منهنجي قوم! (ڪجھ ڇا ڏٺو ٿا تہ) مون کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن آءٌ پنهنجي ربّ جي طرفان روشن نشانيءَ

فَمَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ عَصَيْتُهٗ ۫ فَمَا تَزِيْدُوْنَنِيْ غَيْرَ

تي آهيان ۽ ان مون کي پنهنجي طرفان رحمت (نبوت ۽ حڪمت) ڏني آهي، پوءِ جيڪڏهن آءٌ سندس نافرماني ڪريان

تَخْسِيْرٍ ﴿٦٣﴾ وَيٰقَوْمِ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ

تہ منهنجي مدد ڪير ڪندو؟ توهان تہ مون کي رڳو نقصان ۾ وڌائيندا ﴿٦٣﴾ ۽ اي منهنجي قوم! هيءَ الله جي ڏاچي توهان لاءِ (سندس
قدرت جي) هڪ نشاني (۽ معجزو) آهي. ان کي ڇڏي ڏيو تہ زمين ۾ (جتي وڻيس اتي) چرندي رهي ۽ ان کي برائي (يعني

فِيْٓ اَرْضِ اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ قَرِيْبٌ ﴿٦٤﴾

مارڻ) جي نيت سان هٿ نہ لڳايو. (ياد رکو! جيڪڏهن توهان ان کي ماريندا تہ) پوءِ توهان کي ويجهو عذاب پڪڙيندو ﴿٦٤﴾

وقف لازم

فَعَقَرُوْهَا فَقَالَ تَمَتَّعُوْا فِيْ دَارِكُمْ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ ؕ ذٰلِكَ وَعْدٌ

پوءِ ان کي ماري ڇڏيائون. پوءِ صالح (عَلَيْهِ السَّلَامُ) کين چيو تہ توهان پنهنجن گهرن ۾ ٽي ڏينهن مزا ڪري وٺو، اهو وعدو

غَيْرُ مَكْذُوْبٍ ﴿٦٥﴾ فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا صٰلِحًا وَّ الَّذِيْنَ

ڪوڙو ٿيڻ وارو نہ آهي ﴿٦٥﴾ پوءِ جڏهن اسان جو حڪم آيو تہ صالح (عَلَيْهِ السَّلَامُ) ۽ جن ان سان گڏ ايمان آندو،

اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَمِنْ خِزْيِ يَوْمِئِذٍ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ

تن کي پنهنجي رحمت سبب انهيءَ ڏينهن جي (عذاب ۽) خواريءَ کان نجات ڏني سون. بيشڪ تنهنجو ربّ ئي

الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ ﴿٦٦﴾ وَاَخَذَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا

طاقتور غالب آهي ﴿٦٦﴾ ۽ جن ماٺهن ظلم ڪيو، تن کي (جبريل عَلَيْهِ السَّلَامُ جي) خوفناڪ رڙ پڪڙيو، پوءِ اهي پنهنجن

فِيْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٦٧﴾ لا كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ؕ اَلَآ اِنَّ ثَمُوْدَاۡ

گهرن ۾ ڪرونڊڙا ٿي مري ويا ﴿٦٧﴾ ڄڻ تہ اهي اتي رهيا ئي نہ هئا. ٻڌو! بيشڪ (صالح عَلَيْهِ السَّلَامُ جي قوم) ثمود پنهنجي

كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا بُعْدًا لِّثَمُوْدَ ﴿٦٨﴾ ع وَلَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُنَآ

ربّ جو ڪفر ڪيو، ٻڌو! ثمود لاءِ (الله جي رحمت کان) دوري (۽ هلاڪت) آهي ﴿٦٨﴾ ۽ بيشڪ ابراهيم (عَلَيْهِ السَّلَامُ) وٽ اسان جا

اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى قَالُوْا سَلٰمًا ؕ قَالَ سَلٰمٌ فَمَا لَبِثَ اَنْ جَآءَ

فرشتا، اسحاق عَلَيْهِ السَّلَامُ ۽ يعقوب عَلَيْهِ السَّلَامُ جي) خوشخبري (۽ قوم لوط عَلَيْهِ السَّلَامُ جي هلاڪت جي خبر) ڪڻي آيا. انهن چيو تہ

بِعِجْلٍ حَنِيْذٍ ﴿٦٩﴾ فَلَمَّا رَآ اَيْدِيَهُمْ لَا تَصِلُ اِلَيْهِ نَكِرَهُمْ وَ

(توتي) سلام هجي. (ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَامُ) چيو تہ (توهان تي بہ) سلام هجي. پوءِ هڪدم ڳابي جو ڀُڳل گوشت ڪڻي آيو ﴿٦٩﴾
پوءِ جڏهن سندن هٿن کي ڏٺائين تہ (ڪائڻ لاءِ) انهيءَ (گوشت) تائين نٿا پهچن تہ انهن کي اوپرو ڀانيائين ۽ (دل ۾)

اَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً ؕ قَالُوْا لَا تَخَفْ اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمِ

انهن کان خوف محسوس ڪيائين. انهن چيو تہ خوف نہ ڪر، بيشڪ اسان لوط (عَلَيْهِ السَّلَامُ) جي قوم ڏانهن موڪليا

لُوْطٍ ؕ ﴿٧٠﴾ وَامْرَاَتُهٗ قَآئِمَةٌ فَضَحِكَتْ فَبَشَّرْنٰهَا بِاِسْحٰقَ ۙ وَ

ويا آهيون ﴿٧٠﴾ ۽ (پرديءَ جي پويان سندس) گھر واري بيٺي هئي، پوءِ اها کلي، پوءِ کيس اسحاق (عليه السلام) ۽ ان جي پويان يعقوب

مِنْ وَّرَآءِ اِسْحٰقَ يَعْقُوْبَ ﴿٧١﴾ قَالَتْ يٰوَيْلَتٰٓى ءَاَلِدُ وَاَنَا عَجُوْزٌ

(عليه السلام) جي خوشخبري ڏني سون ﴿٧١﴾ (ابراهيم جي گھر واري ساره) چيو تہ هاءِ مون تي افسوس! ڇا آءٌ پٽ ڄڻيندس ۽

وَّهٰذَا بَعْلِىْ شَيْخًا ؕ اِنَّ هٰذَا لَشَىْءٌ عَجِيْبٌ ﴿٧٢﴾ قَالُوْٓا اَتَعْجَبِيْنَ

آءٌ (نوانوي سالن جي ۽ ٻئي قول مطابق نوي سالن جي) پوڙهي آهيان ۽ منهنجو هيءُ مڙس (بقول مجاهد تابعيءَ جي، سو سالن جو

۽ هڪ قول مطابق سؤ ويهن سالن جو) ٻيرسن آهي. بيشڪ اها تہ عجب جهڙي ڳالهہ آهي ﴿٧٢﴾ (ملائڪن) چيو تہ ڇا تو کي الله جي

مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ رَحْمَتُ اللّٰهِ وَبَرَكٰتُهٗ عَلَيْكُمْ اَهْلَ الْبَيْتِ ؕ اِنَّهٗ

حڪم (۽ تقدير) تي تعجب ٿئي ٿو. (اي ابراهيم عليه السلام جا) گھر وارو! توهان تي الله جون رحمتون ۽ برڪتون آهن.

حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ﴿٧٣﴾ فَلَمَّا ذَهَبَ عَنْ اِبْرٰهِيْمَ الرَّوْعُ وَجَآءَتْهُ

بيشڪ اهو ساراهيل ۽ بزرگيءَ وارو آهي ﴿٧٣﴾ پوءِ جڏهن ابراهيم (عليه السلام) تان خوف لهي ويو ۽ کيس خوشخبري ملي تہ

الْبُشْرٰى يُجَادِلُنَا فِىْ قَوْمِ لُوْطٍ ؕ ﴿٧٤﴾ اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَحَلِيْمٌ اَوَّاهٌ

اسان (جي موڪليل فرشتن) سان لوط (عليه السلام) جي قوم جي باري ۾ تڪرار ڪرڻ لڳو ﴿٧٤﴾ بيشڪ ابراهيم بردبار، توبه زاري

مُّنِيْبٌ ﴿٧٥﴾ يٰٓاِبْرٰهِيْمُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا ۚ اِنَّهٗ قَدْ جَآءَ اَمْرُ

ڪندڙ ۽ الله ڏانهن رجوع ڪندڙ هو ﴿٧٥﴾ (فرشتن چيو تہ) اي ابراهيم! (عليه السلام) انهيءَ ڳالهہ ڪان مڙي وڃ، بيشڪ

رَبِّكَ ۚ وَاِنَّهُمْ اٰتِيْهِمْ عَذَابٌ غَيْرُ مَرْدُوْدٍ ﴿٧٦﴾ وَلَمَّا جَآءَتْ

تنهنجي ربّ جو حڪم اچي چڪو آهي ۽ بيشڪ مٿن اٽل عذاب اچڻ وارو آهي ﴿٧٦﴾ ۽ جڏهن اسان جا موڪليل

رُسُلُنَا لُوْطًا سِىْٓءَ بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَّقَالَ هٰذَا يَوْمٌ

(فرشتا) لوط (عليه السلام) وٽ آيا تہ سندن اچڻ سبب غمگين ۽ تنگدل ٿيو ۽ چيائين تہ هيءُ تہ ڪو ڏاڍو ڏکيو ڏينهن

عَصِيْبٌ ﴿٧٧﴾ وَجَآءَهٗ قَوْمُهٗ يُهْرَعُوْنَ اِلَيْهِ ؕ وَ مِنْ قَبْلُ كَانُوْا

آهي ﴿٧٧﴾ ۽ سندس قوم وٽس ڀڄندي آئي ۽ ان کان اڳ اهي بڇڙا ڪم ڪندا هئا. (لوط عليه السلام) چيو ته اي

يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ؕ قَالَ يٰقَوْمِ هٰٓؤُلَآءِ بَنَاتِيْ هُنَّ اَطْهَرُ لَكُمْ

منهنجي قوم! هي منهنجيون نياڻيون آهن، اهي توهان (جي نڪاح) لاءِ ڏاڍيون سٺيون (۽ لائق) آهن. پوءِ الله

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخْزُوْنِ فِيْ ضَيْفِيْ ؕ اَلَيْسَ مِنْكُمْ رَجُلٌ رَّشِيْدٌ ﴿٧٨﴾

کان ڊڄو ۽ مون کي منهنجن مهمانن جي باري ۾ خوار نه ڪريو. ڇا توهان ۾ ڪو به چڱو ماڻهو نه آهي ﴿٧٨﴾

قَالُوْا لَقَدْ عَلِمْتَ مَا لَنَا فِيْ بَنٰتِكَ مِنْ حَقٍّ ۚ وَاِنَّكَ لَتَعْلَمُ

انهن چيو ته بيشڪ تو کي ڄاڻ آهي ته اسان جو تنهنجين نياڻين ۾ (نڪاح جو) ڪو حقّ (يعني ڪا دلچسپي) نه آهي

مَا نُرِيْدُ ﴿٧٩﴾ قَالَ لَوْ اَنَّ لِيْ بِكُمْ قُوَّةً اَوْ اٰوِيْٓ اِلٰى رُكْنٍ شَدِيْدٍ ﴿٨٠﴾

۽ جيڪي ڪجهه اسين گهرون ٿا، تنهن کي يقيناً تون ڄاڻين ٿو ﴿٧٩﴾ (لوط عليه السلام) چيو ته جيڪر! مون وٽ توهان جي مقابلي ۾
ڪا طاقت ۽ سگهه هجي ها، يا ڪنهن مضبوط قبيلي جي پناهه هيٺ هجان ها، (جيڪو توهان کي انهيءَ گناهه کان روڪي ها.) ﴿٨٠﴾

قَالُوْا يٰلُوْطُ اِنَّا رُسُلُ رَبِّكَ لَنْ يَّصِلُوْٓا اِلَيْكَ فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ

(فرشتن) چيو ته اي لوط (عليه السلام)! بيشڪ اسين تنهنجي ربّ جا موڪليل آهيون. هرگز تو وٽ پهچي نه سگهندا. پوءِ

بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ وَلَا يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ اِلَّا امْرَاَتَكَ ؕ

پنهنجي گهر وارن کي رات جي ڪنهن پهر ۾ وٺي وڃ ۽ توهان مان ڪو به پوئتي نه نهاري، سواءِ تنهنجي زال جي.

اِنَّهٗ مُصِيْبُهَا مَآ اَصَابَهُمْ ؕ اِنَّ مَوْعِدَهُمُ الصُّبْحُ ؕ اَلَيْسَ

ڪيس اهوئي (عذاب) پهچندو، جيڪو انهن کي پهچڻ وارو آهي. بيشڪ صبح سندن (عذاب جو) مقرر ڪيل وقت آهي.

الصُّبْحُ بِقَرِيْبٍ ﴿٨١﴾ فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا جَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَاَمْطَرْنَا

ڇا صبح ويجهي نه آهي؟ ﴿٨١﴾ پوءِ جڏهن اسان جو حڪم آيو ته انهن (ڳوٺن) کي هيٺ مٿي (يعني تهس نهس)

عَلَيْهَا حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ۙ مَّنْضُوْدٍ ۙ ﴿٨٢﴾ مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ ؕ

ڪري ڇڏيوسون ۽ متن پڪل مٽيءَ جا پٿر (يعني سروٽا) وسايا سون ﴿٨٢﴾ جن تي تنهنجي ربّ وٽان مقرر ڪيل نشان

وَمَا هِيَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ بِبَعِيْدٍ ﴿٨٣﴾ ع وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ

هئا ۽ اها (هلاڪ ٿيل قوم مڪي جي) ظالمن کان ڪا پري نه آهي ﴿٨٣﴾ ۽ مدين ڏانهن سندن (قومي) ڀاءُ شعيب (عليه السلام)

شُعَيْبًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ

کي موڪليوسون. انهيءَ چيو ته اي منهنجي قوم! هڪ الله جي عبادت ڪريو، ان کان سواءِ توهان جو

وَلَا تَنْقُصُوا الْمِكْيَالَ وَالْمِيْزَانَ اِنِّيْۤ اَرٰىكُمْ بِخَيْرٍ وَّاِنِّيْۤ اَخَافُ

ڪوبہ معبود نه آهي ۽ ماپ تور ۾ گهٽتائي نه ڪريو. بيشڪ آءٌ توهان کي ڀلائيءَ ۾ ڏسان ٿو ۽ بيشڪ آءٌ

عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ مُّحِيْطٍ ﴿٨٤﴾ وَيٰقَوْمِ اَوْفُوا الْمِكْيَالَ وَالْمِيْزَانَ

توهان تي وڪوڙيندڙ عذاب جي ڏينهن (جي اچڻ) کان ڊڄان ٿو ﴿٨٤﴾ ۽ اي منهنجي قوم! (شين جي) ماپ ۽

بِالْقِسْطِ وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ

تور انصاف سان، پوري ڪري ڏيو ۽ ماڻهن کي انهن جون شيون گهٽائي نه ڏيو ۽ زمين ۾ فسادي

مُفْسِدِيْنَ ﴿٨٥﴾ بَقِيَّتُ اللّٰهِ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ وَ

ٿي نه ڦرو ﴿٨٥﴾ الله جي (حڪم مطابق عطا ڪيل) بچت توهان لاءِ چڱي آهي، جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو

مَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ ﴿٨٦﴾ قَالُوْا يٰشُعَيْبُ اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ اَنْ

۽ آءٌ توهان تي نگهبان نه آهيان ﴿٨٦﴾ انهن چيو ته اي شعيب (عليه السلام)! ڇا تنهنجي نماز توکي حڪم ڏئي ٿي ته جن (بتن)

نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَآ اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ فِيْۤ اَمْوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا ؕ

جي عبادت اسان جا ابا ڏاڏا ڪندا هئا، تن کي ڇڏي ڏيون يا پنهنجن مالن ۾ اسان کي جيئن وڻي تيئن ڪريون؟ بيشڪ

اِنَّكَ لَاَنْتَ الْحَلِيْمُ الرَّشِيْدُ ﴿٨٧﴾ قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ

تون تہ ڪو وڏو بردبار، ڀلارو ماڻهو آهين ﴿٨٧﴾ (شعيب عليه السلام) چيو تہ اي منهنجي قوم! ڏسو تہ جيڪڏهن آءٌ پنهنجي پالڻهار

عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَرَزَقَنِيْ مِنْهُ رِزْقًا حَسَنًا ۭ وَمَآ اُرِيْدُ اَنْ

جي طرفان روشن دليل تي آهيان ۽ ان مون کي پنهنجي طرفان سهڻي (۽ گهڻي حلال) روزي ڏني آهي ۽ منهنجو

اُخَالِفَكُمْ اِلٰى مَآ اَنْهٰىكُمْ عَنْهُ ۭ اِنْ اُرِيْدُ اِلَّا الْاِصْلَاحَ مَا

(هيءُ) مقصد نہ آهي تہ جنهن ڳالهہ کان توهان کي روڪيان ٿو، پاڻ ان جي ابتڙ ڪريان. آءٌ تہ سگهہ آهر سڌارو ڪرڻ گهران

اسْتَطَعْتُ ۭ وَمَا تَوْفِيْقِيْٓ اِلَّا بِاللّٰهِ ۭ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَاِلَيْهِ اُنِيْبُ ﴿٨٨﴾

ٿو ۽ منهنجي توفيق فقط الله جي طرفان آهي. مٿس ڀروسو ڪيم ۽ انهيءَ ڏانهن ئي رجوع ڪريان ٿو ﴿٨٨﴾

وَيٰقَوْمِ لَا يَجْرِمَنَّكُمْ شِقَاقِيْٓ اَنْ يُّصِيْبَكُمْ مِّثْلُ مَآ اَصَابَ قَوْمَ

۽ اي منهنجي قوم! توهان کي منهنجي مخالفت ۽ دشمني هن ڳالهہ تي نہ اڀاري تہ توهان تي قوم نوح (عليه السلام)، يا قوم

نُوْحٍ اَوْ قَوْمَ هُوْدٍ اَوْ قَوْمَ صٰلِحٍ ۭ وَمَا قَوْمُ لُوْطٍ مِّنْكُمْ بِبَعِيْدٍ ﴿٨٩﴾

هود (عليه السلام)، يا قوم صالح (عليه السلام) جهڙو (عذاب) اچي ۽ لوط (عليه السلام) جي قوم بہ توهان کان ڪا پري نہ آهي ﴿٨٩﴾

وَاسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ۭ اِنَّ رَبِّيْ رَحِيْمٌ وَّدُوْدٌ ﴿٩٠﴾ قَالُوْا

۽ پنهنجي ربّ کان گناهن جي بخشش گهرو. پوءِ ان جي اڳيان توبه زاري ڪريو. بيشڪ منهنجو ربّ مهربان (۽ فرمانبردارن
کي) دوست رکندڙ آهي ﴿٩٠﴾ انهن چيو تہ اي شعيب (عليه السلام)! جيڪي ڪجهہ تون چوين ٿو، انهن مان گهڻيون ڳالهيون اسان کي

يٰشُعَيْبُ مَا نَفْقَهُ كَثِيْرًا مِّمَّا تَقُوْلُ وَاِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْنَا ضَعِيْفًا ۚ

سمجهہ ۾ نٿيون اچن ۽ بيشڪ اسين توکي پنهنجي اندر بلڪل هيڻو ڏسون ٿا ۽ جيڪڏهن تنهنجو قبيلو نہ هجي ها تہ

وَلَوْلَا رَهْطُكَ لَرَجَمْنٰكَ ۡ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْنَا بِعَزِيْزٍ ﴿٩١﴾ قَالَ يٰقَوْمِ

يقينًا توکي پٿر هڻي ماري ڇڏيون ها ۽ تون اسان کان طاقتور ۽ غالب نہ آهين ﴿٩١﴾ (شعيب عليه السلام) چيو تہ اي منهنجي

أَرَهْطِيْٓ أَعَزُّ عَلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ ۭ وَاتَّخَذْتُمُوْهُ وَرَآءَكُمْ ظِهْرِيًّا ۭ

قوم! ڇا منهنجو قبيلو توهان وٽ الله کان وڌيڪ طاقتور آهي ۽ توهان الله (يعني سندس فرمانن) کي پنهنجي پٺيءَ

إِنَّ رَبِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿٩٢﴾ وَيٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ

جي پويان اڇلائي ڇڏيو آهي. بيشڪ جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، تن کي منهنجي ربّ احاطي ۾ آڻي ڇڏيو آهي ﴿٩٢﴾ ۽ اي منهنجي
قوم! (نٽا ڏجو ته پلي نه ڏجو)، پنهنجي جاءِ تي (معمول مطابق نافرمانيءَ جا) عمل ڪندا رهو، آءٌ به (فرمانبرداري ۽ نصيحت

إِنِّيْ عَامِلٌ ۭ سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ يَّأْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَمَنْ

وارا) عملُ ڪندڙ آهيان. سگهوئي توهان ڄاڻندا ته ڪنهن تي خوار ڪندڙ عذاب اچي ٿو ۽ ڪير ڪوڙو آهي ۽ توهان به

هُوَ كَاذِبٌ ۭ وَارْتَقِبُوْٓا إِنِّيْ مَعَكُمْ رَقِيْبٌ ﴿٩٣﴾ وَلَمَّا جَآءَ أَمْرُنَا

(عذاب جو) انتظار ڪريو، بيشڪ آءٌ به توهان سان گڏجي انتظار ڪندڙ آهيان ﴿٩٣﴾ ۽ جڏهن اسان جو حڪم آيو ته پنهنجي

نَجَّيْنَا شُعَيْبًا وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا ۚ وَأَخَذَتِ

ٻاجهه سان شعيب (عليه السلام) ۽ انهن ماڻهن کي نجات ڏني سون، جن ان سان گڏ ايمان آندو ۽ جن ظلم ڪيو، تن کي

الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَأَصْبَحُوْا فِيْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٩٤﴾ ۙ كَأَنْ لَّمْ

(جبريل عليه السلام جي) ٻوائٽي رڙ اچي پڪڙيو، پوءِ اهي پنهنجن گهرن ۾ ڪرونڊڙا ٿي مري ويا ﴿٩٤﴾ ڄڻ ته اتي

يَغْنَوْا فِيْهَا ۭ أَلَا بُعْدًا لِّمَدْيَنَ كَمَا بَعِدَتْ ثَمُوْدُ ﴿٩٥﴾ ع وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا ع ١٢/٨

رهيا ئي نه هئا. ٻڌو! (شعيب عليه السلام جي قوم) مدين لاءِ (الله جي رحمت کان) دوري آهي، جيئن قوم ثمود (الله جي

مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٩٦﴾ ۙ إِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَاتَّبَعُوْٓا

رحمت کان) پري ٿي ﴿٩٥﴾ ۽ بيشڪ (عليه السلام) موسيٰ کي پنهنجين روشن نشانين ۽ پڌرن دليلن سان موڪليو سون ﴿٩٦﴾ فرعون

أَمْرَ فِرْعَوْنَ ۚ وَمَآ أَمْرُ فِرْعَوْنَ بِرَشِيْدٍ ﴿٩٧﴾ يَقْدُمُ قَوْمَهٗ يَوْمَ

۽ سندس سردارن ڏانهن، پوءِ انهن فرعون جي پيروي ڪئي ۽ فرعون جو حڪم ڀلائي وارو نه هو ﴿٩٧﴾ قيامت جي ڏينهن

الْقِيٰمَةِ فَاَوْرَدَهُمُ النَّارَ ؕ وَبِئْسَ الْوِرْدُ الْمَوْرُوْدُ ﴿٩٨﴾ وَاُتْبِعُوْا فِيْ

(فرعون) پنهنجي قوم جي اڳواڻي ڪندو، پوءِ ڪين دوزخ ۾ داخل ڪندو ۽ (دوزخ) داخل ٿيڻ جو ڏاڍو بڇڙو گهٽ (۽

هٰذِهٖ لَعْنَةً وَّيَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ بِئْسَ الرِّفْدُ الْمَرْفُوْدُ ﴿٩٩﴾ ذٰلِكَ

ماڳ) آهي ﴿٩٨﴾ ۽ مٿن هن (دنيا ۾ به) لعنت مسلط ڪئي وئي ۽ قيامت جي ڏينهن به سندن لاءِ ڏاڍو بڇڙو انعام ۽ بخشش

مِنْ اَنْۢبَآءِ الْقُرٰى نَقُصُّهٗ عَلَيْكَ مِنْهَا قَآئِمٌ وَّحَصِيْدٌ ﴿١٠٠﴾

آهي (يعني مٿن لعنت جي مٿان لعنت آهي.) ﴿٩٩﴾ اهي ڳوٺن جون ڪجهه خبرون توکي بيان ڪري ٻڌايون ٿا، جن
مان ڪن جا (ڪنڊرَ ۽ ڏڙا اجا) قائم آهن ۽ ڪي بلڪل تهس نهس ٿي چڪا آهن (يعني سندن نشانَ به باقي نه آهن.) ﴿١٠٠﴾

وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَمَآ اَغْنَتْ عَنْهُمْ

۽ اسان مٿن ظلم نه ڪيو ۽ پر انهن پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو. پوءِ جڏهن تنهنجي ربّ جو حڪم آيو ته الله کي ڇڏي، جن

اٰلِهَتُهُمُ الَّتِيْ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ لَّمَّا جَآءَ اَمْرُ

معبودن کي سڏيندا هئا، اهي انهن جي ڪنهن ڪم نه آيا ۽ انهن (يعني باطل معبودن) انهن کي رڳو هلاڪت ۾

رَبِّكَ ؕ وَمَا زَادُوْهُمْ غَيْرَ تَتْبِيْبٍ ﴿١٠١﴾ وَكَذٰلِكَ اَخْذُ رَبِّكَ اِذَآ اَخَذَ

ئي وڌايو ﴿١٠١﴾ ۽ اهڙيءَ طرح تنهنجي ربّ جي پڪڙ آهي، جڏهن ڳوٺن وارن کي ظلم ڪندي پڪڙيندو آهي،

الْقُرٰى وَهِيَ ظَالِمَةٌ ؕ اِنَّ اَخْذَهٗٓ اَلِيْمٌ شَدِيْدٌ ﴿١٠٢﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً

بيشڪ سندس پڪڙ ڏاڍي سخت آهي ﴿١٠٢﴾ بيشڪ ان (يعني اڳين امتن جي عذاب) ۾ يقيناً هڪ نشاني آهي، انهيءَ

لِّمَنْ خَافَ عَذَابَ الْاٰخِرَةِ ؕ ذٰلِكَ يَوْمٌ مَّجْمُوْعٌ ۙ لَّهُ النَّاسُ وَ

شخص جي لاءِ جيڪو آخرت جي عذاب کان ڊڄي ٿو. اِهو اُهو ڏينهن آهي، جنهن ۾ (سيني ماڻهن کي) گڏ ڪيو ويندو.

ذٰلِكَ يَوْمٌ مَّشْهُوْدٌ ﴿١٠٣﴾ وَمَا نُؤَخِّرُهٗٓ اِلَّا لِاَجَلٍ مَّعْدُوْدٍ ؕ ﴿١٠٤﴾

اِهو اُهو ڏينهن آهي، جنهن ۾ (سيني ماڻهن کي) حاضر ڪيو ويندو ﴿١٠٣﴾ ۽ اسان ان کي رڳو ڳڻيل (۽ مقرر ڪيل)

يَوْمَ يَاْتِ لَا تَكَلَّمُ نَفْسٌ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ۚ فَمِنْهُمْ شَقِيٌّ وَّسَعِيْدٌ ﴿١٠٥﴾

مدّت (يعني انهيءَ ڏينهن) تائين مؤخّر ڪريون ٿا (جيڪو خدا تعاليٰ جي علم ۾ آهي) ﴿١٠٤﴾ (جڏهن) اهو ڏينهن ايندو ته سندس اجازت کان سواءِ ڪو جيءُ ڳالهائي نه سگهندو. پوءِ انهن مان ڪي بدبخت هوندا ۽ ڪي نيڪ بخت هوندا ﴿١٠٥﴾

فَاَمَّا الَّذِيْنَ شَقُوْا فَفِي النَّارِ لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ وَّ شَهِيْقٌ ﴿١٠٦﴾ ۙ

پوءِ رهيا، اهي ماڻهو جيڪي بدبخت ٿيا ته اهي دوزخ ۾ هوندا، جتي سندن رڙيون ۽ (گڏهه وانگر) هينگون هونديون ﴿١٠٦﴾

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ ۗ

جيستائين آسمان ۽ زمين قائم رهندا. منجهس سدائين رهڻ وارا آهن، مگر جو ڪجهه تنهنجو ربّ گهري (ته ڪين ٻاهر

اِنَّ رَبَّكَ فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ ﴿١٠٧﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ سُعِدُوْا فَفِي الْجَنَّةِ

ڪيدي، پر اها ڳالهه نه گهرندو.) بيشڪ تنهنجو ربّ جيڪي گهري ٿو، سو ڪري ٿو ﴿١٠٧﴾ ۽ باقي رهيا اهي ماڻهو جيڪي

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ ۗ

نيڪ بخت ڪيا ويا، سي جنت ۾ سدائين رهڻ وارا آهن، جيستائين آسمان ۽ زمين قائم رهندا، مگر جو ڪجهه تنهنجو ربّ

عَطَآءً غَيْرَ مَجْذُوْذٍ ﴿١٠٨﴾ فَلَا تَكُ فِيْ مِرْيَةٍ مِّمَّا يَعْبُدُ هٰٓؤُلَآءِ ۗ

گهري (۽) انهن لاءِ اڻ ڪٽ بخشش آهي ﴿١٠٨﴾ پوءِ (اي مُحَمَّد ﷺ!) جن (بتن) جي اهي پوڄا ڪن ٿا، تنهن کان تون شڪ ۾

مَا يَعْبُدُوْنَ اِلَّا كَمَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُهُمْ مِّنْ قَبْلُ ۗ وَاِنَّا لَمُوَفُّوْهُمْ

نه پؤ. اهي ائين ئي (بتن جي) پوڄا ڪري رهيا آهن، جيئن سندن ابا ڏاڏا اڳ ۾ انهن جي پوڄا ڪندا هئا ۽ بيشڪ

نَصِيْبَهُمْ غَيْرَ مَنْقُوْصٍ ﴿١٠٩﴾ ع وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَاخْتُلِفَ ٩ ع ١٤ ٩

اسان انهن کي سندن (عذاب جو) ڀاڱو بغير گهٽتائيءَ جي، پورو پورو ڏيندا سون ﴿١٠٩﴾ ۽ بيشڪ اسان موسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَامُ) کي ڪتاب (يعني توريت) ڏنو، پوءِ منجهس اختلاف ڪيو ويو ۽ جيڪڏهن (تنهنجي قوم بابت عذاب ۾ دير ڪرڻ جي باري ۾) تنهنجي ربّ

فِيْهِ ۗ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ۗ وَاِنَّهُمْ

جو فرمان پهريائين نه گذري ها ته انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي ها ۽ بيشڪ اهي (ڪافر قرآن مجيد جي باري ۾)

لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿١١٠﴾ وَاِنَّ كُلًّا لَّمَّا لَيُوَفِّيَنَّهُمْ رَبُّكَ

البت شڪ ۽ شبهي ۾ مبتلا آهن ﴿١١٠﴾ ۽ بيشڪ (جڏهن قيامت ۾ انهن کي اُٿاريو ويندو تہ) تنهنجو ربّ ضرور هر هڪ (نيڪ

اَعْمَالَهُمْ ؕ اِنَّهٗ بِمَا يَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿١١١﴾ فَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ

۽ بد کي، مؤمن ۽ ڪافر) کي سندس عملن جو پورو پورو بدلو ڏيندو. اهي جيڪي ڪم ڪري رهيا آهن، بيشڪ الله انهن
جي خبر رکندڙ آهي ﴿١١١﴾ پوءِ (اي رسولن جا سردار ﷺ! اي سڌي واٽ ڏيکاريندڙ!) جيئن توکي (قرآن ۾) حڪم

وَمَنْ تَابَ مَعَكَ وَلَا تَطْغَوْا ؕ اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿١١٢﴾ وَلَا

ڪيو ويو آهي، تيئن تون ۽ جن ماڻهن توسان گڏ توبه ڪئي آهي، سڌيءَ واٽ تي قائم ۽ ثابت قدم رهو ۽ حقّ کان نہ
هٽو (بلڪ الله لاءِ عاجزي اختيار ڪريو.) جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، بيشڪ الله انهن کي ڏسندڙ آهي ﴿١١٢﴾ ۽ ظالمن

تَرْكَنُوْٓا اِلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ ۙ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ

(۽ ڪافرن) ڏانهن نہ جهڪو، (اٿين ڪندا تہ) پوءِ توهان کي باهہ (جو عذاب) پهچندو ۽ توهان لاءِ الله کان سواءِ ڪي

اللّٰهِ مِنْ اَوْلِيَآءَ ثُمَّ لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿١١٣﴾ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ

بہ دوستَ نہ آهن، پوءِ توهان کي مدد نہ ڏني ويندي ﴿١١٣﴾ ۽ ڏينهن جي ٻن حصن (يعني صبح ۽ شام جو) ۽ رات

وَزُلَفًا مِّنَ الَّيْلِ ؕ اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ ؕ ذٰلِكَ ذِكْرٰى

جي پهرئين پَهر (يعني مغرب ۽ عشا) ۾ نماز قائم ڪر. بيشڪ نيڪيون (يعني پنجن وقتن جون نمازون) برائين کي ختم

لِلذّٰكِرِيْنَ ﴿١١٤﴾ ج وَاصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١١٥﴾

ڪن ٿيون (بشرطيڪ ماڻهو ڪبيره گناهن کان بچي.) اها نصيحت آهي (الله کي) ياد ڪرڻ وارن جي لاءِ ﴿١١٤﴾ ۽ صبر ڪر
(يعني هميشہ نماز قائم رک.) پوءِ بيشڪ الله نيڪي ڪندڙن جو اجر ضايع نہ ڪندو آهي ﴿١١٥﴾ پوءِ ڇو نہ توهان کان اڳين

فَلَوْلَا كَانَ مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْ قَبْلِكُمْ اُولُوْا بَقِيَّةٍ يَّنْهَوْنَ عَنِ

زمانن ۾ (عقلمند، ديندار ۽ فضل وارا ماڻهو) پيدا ٿيا، جيڪي زمين ۾ فساد کان روڪين ها، مگر منجهن (برائين کي

الْفَسَادِ فِي الْاَرْضِ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّنْ اَنْجَيْنَا مِنْهُمْ ۚ وَاتَّبَعَ

روڪيندڙ، نبيّن جا پيروڪار ۽ حقّ وارا) کي ٿورا ماڻهو هئا، جن کي اسان نجات ڏني ۽ جن ماڻهن ظلم ڪيو، اهي

الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَآ اُتْرِفُوْا فِيْهِ وَكَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿۱۱۶﴾ وَمَا كَانَ

(الله جي عطا ڪيل) آسودگيءَ جي مزن ۾ مشغول ٿي ويا ۽ اهي ڏوهاري (يعني ڪافر) هئا ﴿۱۱۶﴾ ۽ تنهنجو ربّ ڳوٺن کي

رَبُّكَ لِيُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّ اَهْلُهَا مُصْلِحُوْنَ ﴿۱۱۷﴾ وَلَوْ شَآءَ

سندن ظلم (يعني شرڪ) سبب هلاڪ نه ڪندو آهي، بشرطيڪ اتان جا رهندڙ (هڪ ٻئي جي) اصلاح ڪندڙ هجن ﴿۱۱۷﴾ ۽

رَبُّكَ لَجَعَلَ النَّاسَ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلَا يَزَالُوْنَ مُخْتَلِفِيْنَ ﴿۱۱۸﴾ لا

جيڪڏهن تنهنجو ربّ گهري ها ته (سڀني) ماڻهن کي (دين اسلام تي) هڪ ٿي امت ڪري ها ۽ اهي سدائين اختلاف ڪندا

اِلَّا مَنْ رَّحِمَ رَبُّكَ ۭ وَلِذٰلِكَ خَلَقَهُمْ ۭ وَتَمَّتْ كَلِمَةُ رَبِّكَ

رهندا ﴿۱۱۸﴾ مگر جنهن تي تنهنجو ربّ رحم ڪري ۽ ان لاءِ (يعني اختلاف وارن کي اختلاف ۽ رحمت وارن کي رحمت لاءِ)

لَاَمْلَـَٔنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۱۹﴾ وَكُلًّا نَّقُصُّ

پيدا فرمايو اٿس ۽ تنهنجي ربّ جو فرمان پورو ٿي چڪو ته ضرور جهنم کي جنن ۽ انسانن، سڀني سان ڀريندس ﴿۱۱۹﴾ ۽

عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَاۗءِ الرُّسُلِ مَا نُثَبِّتُ بِهٖ فُؤَادَكَ ۚ وَجَاۗءَكَ فِيْ

(ضرورت مطابق) رسولن مان هر هڪ جو قصو توکي بيان ڪري ٻڌايون ٿا، جنهن سان تنهنجي دل کي مضبوط ڪريون ٿا ۽

هٰذِهِ الْحَقُّ وَمَوْعِظَةٌ وَّذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۲۰﴾ وَقُلْ لِّلَّذِيْنَ

هن (سورة) ۾ تو وٽ حقّ ۽ نصيحت، ۽ (پڻ) ايمان وارن لاءِ نصيحت جوڳا قصا اچي چڪا آهن ﴿۱۲۰﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!) جيڪي

لَا يُؤْمِنُوْنَ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ ۭ اِنَّا عٰمِلُوْنَ ﴿۱۲۱﴾ لا وَانْتَظِرُوْا ۚ اِنَّا

ماڻهو ايمان نٿا آڻين، تن کي فرماءِ ته پنهنجي جاءِ تي عمل ڪريو، اسين به عمل ڪندڙ آهيون ﴿۱۲۱﴾ ۽ توهان به انتظار

مُنْتَظِرُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ وَلِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاِلَيْهِ يُرْجَعُ الْاَمْرُ

ڪريو. بيشڪ اسين به (پنهنجي ربّ جي وعدي جي پوري ٿيڻ جو) انتظار ڪري رهيا آهيون ﴿۱۲۲﴾ ۽ آسمانن ۽ زمين جي ڳجهه (جو
علم فقط) الله (جل جلاله) وٽ آهي ۽ سڀ ڪمَ انهيءَ ڏانهن ٿي موٽايا ويندا آهن، پوءِ سندس ئي عبادت ڪر ۽ مٿس

كُلُّهٗ فَاعْبُدْهُ وَتَوَكَّلْ عَلَيْهِ ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٣﴾ ع

ٿي ڀروسو ڪر ۽ جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، انهن کان تنهنجو ربّ غافل نہ آهي ﴿١٢٣﴾

اٰيَاتُهَا ١١١ (١٢) سُوْرَةُ يُوْسُفَ مَكِّيَّةٌ (٥٣) رُكُوْعَاتُهَا ١٢

سورة يوسف مڪي آهي ۽ ان ۾ هڪ سو يارهن آيتون ۽ ٻارهن رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع ڪريان ٿو الله جي نالي سان جيڪو مهربان رحم ڪندڙ آهي.

الٓرٰ قف تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿١﴾ قف اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا

الرٰ. آءُ ٿي خدا آهيان جو ڏسان ٿو. اهي روشن ڪتاب جون آيتون آهن ﴿١﴾ بيشڪ اسان ٿي هن (ڪتاب) کي عربي قرآن

لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٢﴾ نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ اَحْسَنَ الْقَصَصِ بِمَآ

ڪري لاٿو آهي، مَنَ توهان عقل کان ڪم وٺو ﴿٢﴾ (اي محمد ﷺ!) اسان توکي هن وحي ڪيل قرآن جي ذريعي

اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ هٰذَا الْقُرْاٰنَ ق صلے وَاِنْ كُنْتَ مِنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿٣﴾

سهڻو قصو بيان ڪري ٻڌايون ٿا ۽ جيتوڻيڪ هن کان اڳ (يوسف عليه السلام جي قصي کان) اڻ واقف هئين ﴿٣﴾

اِذْ قَالَ يُوْسُفُ لِاَبِيْهِ يٰاَبَتِ اِنِّيْ رَاَيْتُ اَحَدَ عَشَرَ كَوْكَبًا وَّ

(اي محمد ﷺ! ياد ڪر)، جڏهن يوسف (عليه السلام) پنهنجي پيءُ کي چيو تہ اي بابا! تحقيق مون خواب ۾ يارنهن

الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ رَاَيْتُهُمْ لِيْ سٰجِدِيْنَ ﴿٤﴾ قَالَ يٰبُنَيَّ لَا

تارا ۽ سج ۽ چنڊ ڏٺا آهن. مون انهن کي ڏٺو تہ مون کي سجدو ڪري رهيا آهن ﴿٤﴾ (يعقوب عليه السلام) چيو تہ اي

تَقْصُصْ رُءْيَاكَ عَلٰٓى اِخْوَتِكَ فَيَكِيْدُوْا لَكَ كَيْدًا ط اِنَّ

منهنجا پٽڙا! پنهنجو خواب پنهنجن ڀائرن کي بيان ڪري نہ ٻڌائجانءِ، نہ تہ اهي تنهنجي خلاف ڪا (خطرناڪ)

الشَّيْطٰنَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ۝٥ وَكَذٰلِكَ يَجْتَبِيْكَ رَبُّكَ وَ
ڳجهي تدبير كندا. بيشڪ شيطان انسان جو پڌرو دشمن آهي ۝٥ ۽ اهڙيءَ طرح تنهنجو ربّ توکي چونڊيندو ۽
يُعَلِّمُكَ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ وَيُتِمُّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكَ وَعَلٰٓى
توکي خوابن جي تعبير سيکاريندو ۽ توتي ۽ يعقوب (عليه السلام) جي اولاد تي پنهنجي نعمت (يعني نبوت)
اٰلِ يَعْقُوْبَ كَمَآ اَتَمَّهَا عَلٰٓى اَبَوَيْكَ مِنْ قَبْلُ اِبْرٰهِيْمَ وَ
کي پورو کندو، جيئن هن کان اڳ تنهنجي پيئرن ابراهيم (عليه السلام) ۽ اسحاق (عليه السلام) تي پنهنجي نعمت کي پورو
اِسْحٰقَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۝٦ ع لَقَدْ كَانَ فِيْ يُوْسُفَ وَاِخْوَتِهٖٓ
ع ١١
کيائين. بيشڪ تنهنجو ربّ علم وارو، حڪمت وارو آهي ۝٦ بيشڪ پڇندڙن لاءِ يوسف (عليه السلام) ۽ سندس ڀائرن (جي
اٰيٰتٌ لِّلسَّآئِلِيْنَ ۝٧ اِذْ قَالُوْا لَيُوْسُفُ وَاَخُوْهُ اَحَبُّ اِلٰٓى اَبِيْنَا
قصي) ۾ يقيناً نشانيون آهن ۝٧ جڏهن انهن چيو ته يقيناً يوسف ۽ سندس (سڳو) ڀاءُ (بن يامين) اسان جي پيءُ وٽ اسان
مِنَّا وَنَحْنُ عُصْبَةٌ ؕ اِنَّ اَبَانَا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنِ ۝٨ ۚۖ اقْتُلُوْا
کان وڌيڪ پيارا آهن ۽ اسين هڪ جماعت آهيون. بيشڪ اسان جو پيءُ ته پڌري گمراهي (۽ غلطيءَ) ۾ آهي ۝٨ يوسف
يُوْسُفَ اَوِ اطْرَحُوْهُ اَرْضًا يَّخْلُ لَكُمْ وَجْهُ اَبِيْكُمْ وَتَكُوْنُوْا مِنْۢ
کي قتل ڪريو يا ڪيس ڏوراهين هنڌ اڇلائي ڇڏيو، توهان جي پيءُ جو توجّه ۽ پيار توهان لاءِ خاص ٿي ويندو ۽
بَعْدِهٖ قَوْمًا صٰلِحِيْنَ ۝٩ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ لَا تَقْتُلُوْا يُوْسُفَ
ان کان پوءِ توهان نيڪ ماڻهو ٿي وڃجو ۝٩ انهن مان چوندڙ هڪ چيو ته يوسف کي قتل نه ڪريو ۽ ڪيس
وَاَلْقُوْهُ فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ يَلْتَقِطْهُ بَعْضُ السَّيَّارَةِ اِنْ كُنْتُمْ
اونداهين کوهه ۾ اڇلائي ڇڏيو. ڪنهن قافلي وارا ڪيس ڪڍي ويندا، جيڪڏهن توهان کي ڪجهه ڪرڻو

فٰعِلِيْنَ ⑩ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَا لَكَ لَا تَاْمَنَّا عَلٰى يُوْسُفَ وَ اِنَّا

ٺئي آهي ⑩ (اهو پڪو پهه پچائي) انهن چيو ته اي اسان جا ابا! ڇو يوسف جي باري ۾ تون اسان کان بيخوف نه آهين ۽

لَهٗ لَنٰصِحُوْنَ ⑪ اَرْسِلْهُ مَعَنَا غَدًا يَّرْتَعْ وَيَلْعَبْ وَاِنَّا لَهٗ

بيشڪ اسين سندس خيرخواه آهيون ⑪ سڀاڻي ڪيس اسان سان موڪل ڏي ته (جهنگ ۾) کائي پيئي ۽ راند روند ڪري

لَحٰفِظُوْنَ ⑫ قَالَ اِنِّيْ لَيَحْزُنُنِيْٓ اَنْ تَذْهَبُوْا بِهٖ وَاَخَافُ اَنْ يَّاْكُلَهُ

۽ بيشڪ اسين سندس حفاظت ڪندڙ آهيون ⑫ (يعقوب عليه السلام) چيو ته بيشڪ مون کي هيءَ ڳالهه غم ۾ وجهي رهي

الذِّئْبُ وَاَنْتُمْ عَنْهُ غٰفِلُوْنَ ⑬ قَالُوْا لَئِنْ اَكَلَهُ الذِّئْبُ وَنَحْنُ

آهي ته ڪيس بگهڙ کائي ويندو ۽ توهان ان کان غافل هوندا ⑬ (سندس پٽرن پيءُ کي) چيو ته جيڪڏهن ڪيس بگهڙ

عُصْبَةٌ اِنَّآ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ⑭ فَلَمَّا ذَهَبُوْا بِهٖ وَاَجْمَعُوْٓا اَنْ يَّجْعَلُوْهُ

کائي ويو ۽ اسين هڪ مضبوط جماعت آهيون، بيشڪ ان وقت ته اسين يقيناً نقصانڪارن مان ٿي پونداسين ⑭ پوءِ جڏهن

ڪيس وٺي ويا ۽ (پاڻ ۾ هن ڳالهه تي) اتفاق ڪيائون ته ڪيس اونداهين کوهه ۾ اڇلائيندا ۽ اسان (کوهه ۾) يوسف (عليه السلام) ڏانهن

فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ ۚ وَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِ لَتُنَبِّئَنَّهُمْ بِاَمْرِهِمْ هٰذَا وَهُمْ لَا

وحي ڪيو ته ضرور ڪين هن معاملي جي باري ۾ خبر ڏيندين ۽ ڪين ڄاڻ به نه هوندي (ته تون يوسف آهين.) ⑮ ۽ رات

يَشْعُرُوْنَ ⑮ وَجَآءُوْٓ اَبَاهُمْ عِشَآءً يَّبْكُوْنَ ⑯ قَالُوْا يٰٓاَبَانَآ اِنَّا

جي وقت پنهنجي پيءُ وٽ روئندا آيا ⑯ چوڻ لڳا ته اي اسان جا بابا سائين! اسين پاڻ ۾ ڳوءِ پچي رهيا هئاسون

ذَهَبْنَا نَسْتَبِقُ وَتَرَكْنَا يُوْسُفَ عِنْدَ مَتَاعِنَا فَاَكَلَهُ الذِّئْبُ ۚ

(يا تير اندازي ڪري رهيا هئاسون) ۽ يوسف (عليه السلام) کي پنهنجي سامان وٽ ڇڏيوسون ته ڪيس بگهڙ کائي ويو

وَمَآ اَنْتَ بِمُؤْمِنٍ لَّنَا وَلَوْ كُنَّا صٰدِقِيْنَ ⑰ وَجَآءُوْ عَلٰى قَمِيْصِهٖ

۽ تون اسان تي ويساهه ڪندڙ نه آهين ۽ جيتوڻيڪ اسين سچ ڳالهائيندڙ آهيون ⑰ ۽ سندس قميص تي ڪوڙو رت هڻي

الثلثة

بِدَمٍ كَذِبٍ ؕ قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ؕ فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ؕ

ڪُٺي آيا. (يعقوب عليه السلام) چيو تہ (ائين نہ آهي، جيئن چئو ٿا)، بلڪ توهان جي نفسن توهان لاءِ توهان جي ڪم ڪي

وَاللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿۱۸﴾ وَجَآءَتْ سَيَّارَةٌ فَاَرْسَلُوْا

سينگاري پيش ڪيو آهي. پوءِ (مون لاءِ) صبر ئي سهڻو سهارو آهي ۽ جيڪي ناهہ توهان ناهيو ٿا، ان تي الله کان مدد مطلوب آهي ﴿۱۸﴾
۽ هڪڙو قافلو آيو. انهن پنهنجي پاڻي آڻيندڙ کي (کوهہ تي) موڪليو، جنهن پنهنجو ڏول کوهہ ۾ وڌو (پوءِ جڏهن يوسف عليه السلام کي

وَارِدَهُمْ فَاَدْلٰى دَلْوَهٗ ؕ قَالَ يٰبُشْرٰى هٰذَا غُلٰمٌ ؕ وَاَسَرُّوْهُ بِضَاعَةً ؕ

ڏول سان چنبڙيل ڏٺائين)، چيائين تہ ازي واهہ خوشخبري هجيوَ. هيءُ هڪ ڇوڪرو آهي ۽ ڪيس سامان وانگر لڪائي

وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَشَرَوْهُ بِثَمَنٍ بَخْسٍ دَرَاهِمَ

ڇڏيائون ۽ جيڪي ڪجهہ اهي ڪري رهيا هئا، الله تنهن کي ڄاڻندڙ هو ﴿۱۹﴾ ۽ (انهن) يوسف (عليه السلام) کي ڪجهہ ڳڻيل

مَعْدُوْدَةٍ ۚ وَكَانُوْا فِيْهِ مِنَ الزّٰهِدِيْنَ ﴿۲۰﴾ ع وَقَالَ الَّذِى اشْتَرٰىهُ مِنْ ع ٢ ١٢

ٿورن درهمن جي قيمت ۾ وڪڻي ڇڏيو ۽ اهي ان کان بي رغبت هئا (۽ الله وٽ سندس جيڪو قدر ۽ مانُ، مرتبو هو، تنهن کان بي خبر
هئا) ﴿۲۰﴾ ۽ مصر وارن مان جنهن ڪيس خريد ڪيو (يعني عزيز مصر، جيڪو مصر جي بادشاهہ جو ساٿي ۽ خزانچي هو)، تنهن پنهنجي

مِّصْرَ لِامْرَاَتِهٖٓ اَكْرِمِىْ مَثْوٰىهُ عَسٰٓى اَنْ يَّنْفَعَنَآ اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا ؕ

زال (زليخا) کي چيو تہ هن کي عزت سان رک، شايد ڪو (ڪارنامو انجام ڏي)، اسان کي فائدو ڏي يا ڪيس پٽ بڻايون ۽

وَكَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ فِى الْاَرْضِ ز وَلِنُعَلِّمَهٗ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ؕ

اهڙيءَ طرح يوسف کي (قتل کان بچائي)، مصر جي حڪومت ۽ خزانن جو) مالڪ ڪيوسون ۽ جيئن ڪيس خوابن جي

وَاللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰٓى اَمْرِهٖ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَلَمَّا بَلَغَ

تعبير سيکاريون ۽ الله پنهنجي ڪم تي غالب آهي ۽ پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن ﴿۲۱﴾ ۽ جڏهن (يوسف عليه السلام) پنهنجي طاقت

اَشُدَّهٗٓ اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا وَّعِلْمًا ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۲۲﴾

(يعني جوانيءَ) کي پهتو تہ ڪيس حڪمت ۽ علم عطا ڪيوسون ۽ اهڙيءَ طرح نيڪي ڪندڙن کي بدلو ڏيندا آهيون ﴿۲۲﴾

وَرَاوَدَتْهُ الَّتِيْ هُوَ فِيْ بَيْتِهَا عَنْ نَّفْسِهٖ وَغَلَّقَتِ الْاَبْوَابَ وَقَالَتْ

۽ جنهن عورت جي گهر ۾ يوسف (عليه السلام) هو، تنهن (يعني زليخا) کيس پنهنجي نفس کان ورغلايو ۽ دروازا بند ڪيائين

هَيْتَ لَكَ ؕ قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اِنَّهٗ رَبِّيْۤ اَحْسَنَ مَثْوَايَ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ

۽ (يوسف عليه السلام کي) چيائين ته ويجهو اچ! (يوسف عليه السلام) چيو ته (ان ڪم کان) الله جي پناه! بيشڪ منهنجي مالڪ

الظّٰلِمُوْنَ ﴿۲۳﴾ وَلَقَدْ هَمَّتْ بِهٖ ۚ وَهَمَّ بِهَا لَوْلَاۤ اَنْ رَّاٰ بُرْهَانَ رَبِّهٖ ؕ

(يعني منهنجي خريدار) مون سان ڀلائي ڪئي آهي، (پوءِ سندس زال سان ڪيئن تو خيانت ڪريان؟) بيشڪ ظالم ڪامياب نه ٿيندا
آهن ﴿۲۳﴾ ۽ بيشڪ (زليخا) يوسف جو ارادو ڪيو ۽ (يوسف عليه السلام) به زليخا جو ارادو ڪري ها، جيڪڏهن پنهنجي ربّ جو (ڏيکاريل) دليل نه

كَذٰلِكَ لِنَصْرِفَ عَنْهُ السُّوْٓءَ وَالْفَحْشَآءَ ؕ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا

ڏسي ها. اهڙيءَ طرح (کيس دليل ڏيکاريوسون)، جيئن کيس برائي ۽ بيحيائيءَ کان بچايون. بيشڪ (نبوّت لاءِ) اهو

الْمُخْلَصِيْنَ ﴿۲۴﴾ وَاسْتَبَقَا الْبَابَ وَقَدَّتْ قَمِيْصَهٗ مِنْ دُبُرٍ وَّاَلْفَيَا

اسان جي مخلص ٻانهن مان هو ﴿۲۴﴾ ۽ (يوسف ۽ زليخا) دروازي ڏانهن ڊڪيا ۽ زليخا، يوسف (عليه السلام) جي قميص پويان

سَيِّدَهَا لَدَا الْبَابِ ؕ قَالَتْ مَا جَزَآءُ مَنْ اَرَادَ بِاَهْلِكَ سُوْٓءًا اِلَّاۤ اَنْ

ڦاڙي ڇڏي ۽ ٻنهي دروازي وٽ زليخا جي مڙس کي لڌو. زليخا چيو ته جيڪو شخص تنهنجي گهر واريءَ سان برائي ۽

يُّسْجَنَ اَوْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۲۵﴾ قَالَ هِيَ رَاوَدَتْنِيْ عَنْ نَّفْسِيْ وَشَهِدَ

خيانت ڪرڻ گهري، تنهن جي سزا ڪهڙي آهي؟ سواءِ هن جي جو کيس قيد ڪيو وڃي يا کيس ڏکوئيندڙ عذاب ڏنو وڃي ﴿۲۵﴾
(يوسف عليه السلام) چيو ته هن عورت مون کي منهنجي نفس کان پاڻ ورغلايو ۽ (زليخا جي) گهر وارن مان هڪڙي شاهدي ڏيندڙ (يعني

شَاهِدٌ مِّنْ اَهْلِهَا ۚ اِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ قُبُلٍ فَصَدَقَتْ وَهُوَ

سندس سوٽ) شاهدي ڏني (يعني فيصلو ڏنو) ته جيڪڏهن سندس قميص اڳيان ڦاٽل آهي ته اها عورت سچي ۽ هو مرد

مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۲۶﴾ وَاِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ فَكَذَبَتْ وَهُوَ

(يعني يوسف) ڪوڙو آهي ﴿۲۶﴾ ۽ جيڪڏهن سندس قميص پويان ڦاٽل آهي ته اها عورت ڪوڙي ۽ هو مرد (يعني يوسف

مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٧﴾ فَلَمَّا رَاٰ قَمِيْصَهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ قَالَ اِنَّهٗ مِنْ

سچو آهي ﴿٢٧﴾ پوءِ جڏهن ڏٺائين ته سندس قميص پويان ڦاٽل آهي، چيائين ته بيشڪ اها توهان عورتن جي ڳجهي تدبير

كَيْدِكُنَّ ؕ اِنَّ كَيْدَكُنَّ عَظِيْمٌ ﴿٢٨﴾ يُوْسُفُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا ٜ وَ

آهي. بيشڪ توهان جون ڳجهيون تدبيرون ڏاڍيون وڏيون آهن ﴿٢٨﴾ يوسف! هن (واقعي) کي وساري ڇڏ (۽ اهو واقعو

اسْتَغْفِرِيْ لِذَنْۢبِكِ ۚۖ اِنَّكِ كُنْتِ مِنَ الْخٰطِـِٕيْنَ ﴿٢٩﴾ وَقَالَ نِسْوَةٌ فِى

ڪنهن سان بيان نه ڪر) ۽ (اي زليخا! مڙس کان) پنهنجي گناه جي معافي وٺ، بيشڪ خطاڪار تون ئي آهين ﴿٢٩﴾ ۽ شهر ۾ ڪن

الْمَدِيْنَةِ امْرَاَتُ الْعَزِيْزِ تُرَاوِدُ فَتٰىهَا عَنْ نَّفْسِهٖ ۚ قَدْ شَغَفَهَا حُبًّا ؕ

عورتن چيو ته عزيز جي زال پنهنجي نوجوان (ٻانهي) کي سندس نفس کان ورغلائي رهي آهي، سندس دل ۾ ان جي محبت

اِنَّا لَنَرٰىهَا فِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٠﴾ فَلَمَّا سَمِعَتْ بِمَكْرِهِنَّ اَرْسَلَتْ

گهر ڪري چڪي آهي ۽ بيشڪ اسين کيس پڌري گمراهيءَ ۾ ڏسي رهيون آهيون ﴿٣٠﴾ جڏهن (زليخا) انهن جي مڪاري ۽

اِلَيْهِنَّ وَاَعْتَدَتْ لَهُنَّ مُتَّكَاً وَّاٰتَتْ كُلَّ وَاحِدَةٍ مِّنْهُنَّ سِكِّيْنًا

(حڪايتن جو چوٻول) ٻڌو ته انهن کي گهرايائين ۽ سندن مهمانيءَ لاءِ مجلس تيار ڪرايائين ۽ انهن مان هر هڪ عورت

وَّقَالَتِ اخْرُجْ عَلَيْهِنَّ ۚ فَلَمَّا رَاَيْنَهٗۤ اَكْبَرْنَهٗ وَقَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ وَقُلْنَ

کي هڪ هڪ ڇري ڏنائين ۽ (يوسف کي) چيائين ته سندن سامهون نڪري اچ ! پوءِ جڏهن انهن کيس ڏٺو ته

حَاشَ لِلّٰهِ مَا هٰذَا بَشَرًا ؕ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا مَلَكٌ كَرِيْمٌ ﴿٣١﴾ قَالَتْ فَذٰلِكُنَّ

کيس گهڻو وڏو (يعني ڏاڍو سهڻو) ڏسي (دنگ رهجي ويون) ۽ پنهنجا هٿ وڍي ڇڏيائون ۽ چيائون ته الله جو شان! هي ڪو انسان نه
آهي، هيءَ ته ڪو سڳورو فرشتو آهي ﴿٣١﴾ (زليخا) چيو ته پوءِ اهو ئي آهي، جنهن جي (محبّت) جي باري ۾ مون تي ملامت ڪري

الَّذِىْ لُمْتُنَّنِىْ فِيْهِ ؕ وَلَقَدْ رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ فَاسْتَعْصَمَ ؕ وَلَٮِٕنْ لَّمْ

رهيون آهيو ۽ بيشڪ مون کيس سندس نفس کان ورغلايو، پر پاڻ کي بچائي ورتائين ۽ جنهن ڪم جو کيس حڪم

يَفْعَلْ مَآ اٰمُرُهٗ لَيُسْجَنَنَّ وَلَيَكُوْنًا مِّنَ الصّٰغِرِيْنَ ﴿۳۲﴾ قَالَ رَبِّ السِّجْنُ

کريان ٿي، جيڪڏهن اهو نہ ڪندو تہ ضرور جيل ۾ ويندو ۽ ضرور ذليلن مان ٿيندو ﴿۳۲﴾ ان چيو تہ ربّ منهنجا! جنهن (گناه)

اَحَبُّ اِلَيَّ مِمَّا يَدْعُوْنَنِيْٓ اِلَيْهِ ۚ وَاِلَّا تَصْرِفْ عَنِّيْ كَيْدَهُنَّ اَصْبُ

ڏانهن مون کي سڏين ٿيون، تنهن کان مون کي جيل وڌيڪ پيارو آهي ۽ جيڪڏهن مون کي سندن ڳجهي تدبير کان نہ

اِلَيْهِنَّ وَاَكُنْ مِّنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۳۳﴾ فَاسْتَجَابَ لَهٗ رَبُّهٗ فَصَرَفَ عَنْهُ

بچائيندين تہ انهن ڏانهن لڙي پوندس ۽ جاهلن مان ٿيندس ﴿۳۳﴾ پوءِ سندس ربّ سندس دعا قبول فرمائي ۽ ڪيس سندن

كَيْدَهُنَّ ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۳۴﴾ ثُمَّ بَدَا لَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا

ڳجهي تدبير کان محفوظ رکيائين، بيشڪ اهو ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿۳۴﴾ (يوسف عليه السلام جي سچائيءَ جون) نشانيون ڏسڻ

رَاَوُا الْاٰيٰتِ لَيَسْجُنُنَّهٗ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿۳۵﴾ ع وَدَخَلَ مَعَهُ السِّجْنَ فَتَيٰنِ ۭ قَالَ ع ۴ ۱۴

کان پوءِ سندن (مصلحت اها) ظاهر ٿي تہ ڪجهہ وقت ڪيس جيل ۾ رکن (جيئن معاملو ٺڏو ٿئي.) ﴿۳۵﴾ ۽ ساڻس گڏ جيل ۾ ٻہ جوان

اَحَدُهُمَآ اِنِّىْٓ اَرٰىنِيْٓ اَعْصِرُ خَمْرًا ۚ وَقَالَ الْاٰخَرُ اِنِّىْٓ اَرٰىنِيْٓ اَحْمِلُ

داخل ٿيا. انهن مان هڪڙي چيو تہ آءٌ خواب ۾ ڏسي رهيو آهيان تہ شراب نپوڙي رهيو آهيان ۽ ٻئي چيو تہ آءٌ خواب ۾ ڏسي رهيو

فَوْقَ رَاْسِيْ خُبْزًا تَاْكُلُ الطَّيْرُ مِنْهُ ۭ نَبِّئْنَا بِتَاْوِيْلِهٖ ۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ

آهيان تہ پنهنجي مٿي تي مانين جو ٽوڪرو کنيو اٿم، جنهن مان پکي کائي رهيا آهن. اسان کي ان جي تعبير ٻڌاءِ! بيشڪ

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۳۶﴾ قَالَ لَا يَاْتِيْكُمَا طَعَامٌ تُرْزَقٰنِهٖٓ اِلَّا نَبَّاْتُكُمَا بِتَاْوِيْلِهٖ

اسين توکي نيڪي ڪندڙن مان ڏسون ٿا ﴿۳۶﴾ (يوسف) چيو تہ جيڪو کاڌو توهان کي ڏنو ويندو آهي، توهان وٽ ان جي اچڻ کان

قَبْلَ اَنْ يَّاْتِيَكُمَا ۭ ذٰلِكُمَا مِمَّا عَلَّمَنِيْ رَبِّيْ ۭ اِنِّىْ تَرَكْتُ مِلَّةَ قَوْمٍ

اڳ ٿي، ان جي تعبير توهان ٻنهي کي ٻڌائيندس. اهو توهان جي (خوابن جي) تعبير جو علم مون کي منهنجي ربّ سيکاريو

لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَاتَّبَعْتُ مِلَّةَ اٰبَآءِيْۤ

۽ آخرت جا به انڪاري آهن ﴿٣٧﴾ ۽ جيڪي الله تي ايمان نٿا رکن ۽ آهي. بيشڪ مون ان قوم جي دين کي ڇڏي ڏنو آهي،

اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ ؕ مَا كَانَ لَنَاۤ اَنْ نُّشْرِكَ بِاللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ؕ

پنهنجي پيئرن ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب (عليهم السلام) جي دين جي پيروي ڪئي اٿم. اسان کي نٿو جڳائي ته الله

ذٰلِكَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ عَلَيْنَا وَعَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا

تعاليٰ سان ڪنهن کي به شريڪ ڪريون. اهو اسان تي ۽ ماڻهن تي الله جو فضل آهي ۽ پر گهڻا ماڻهو

يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٨﴾ يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ ءَاَرْبَابٌ مُّتَفَرِّقُوْنَ خَيْرٌ اَمِ اللّٰهُ

شڪر نٿا ڪن ﴿٣٨﴾ اي منهنجا جيل جا ساٿيو! ڇا (مختلف بتن جي صورت ۾) اهي جدا جدا ربّ وڌيڪ چڱا آهن، يا الله

الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿٣٩﴾ ؕ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖۤ اِلَّاۤ اَسْمَآءً سَمَّيْتُمُوْهَاۤ

واحد قهار؟ (چڱو آهي) ﴿٣٩﴾ توهان الله کان سواءِ رڳو ڪن (بي معنيٰ) نالن کي پوڄيو ٿا، جيڪي توهان پاڻ ۽ توهانجن

اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ اَمَرَ

ابن ڏاڏن رکيا آهن. انهن جي حقّ ۾ الله تعاليٰ ڪو دليل نه لاٿو آهي. حڪم رڳو الله تعاليٰ جو ئي آهي.

اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّاۤ اِيَّاهُ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا

انهيءَ حڪم فرمايو آهي ته خاص ان کان سواءِ ڪنهن جي به عبادت نه ڪريو ۽ پر گهڻا ماڻهو

يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٠﴾ يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ اَمَّاۤ اَحَدُكُمَا فَيَسْقِيْ رَبَّهٗ خَمْرًا ۚ وَاَمَّا

نٿا ڄاڻن ﴿٤٠﴾ اي منهنجا جيل جا ساٿيو! توهان ٻنهي مان هڪ شخص پنهنجي بادشاه کي شراب پياريندو ۽ ٻئي کي

الْاٰخَرُ فَيُصْلَبُ فَتَاْكُلُ الطَّيْرُ مِنْ رَّاْسِهٖ ؕ قُضِيَ الْاَمْرُ الَّذِيْ فِيْهِ

ڦاهي ڏني ويندي، پوءِ پکي سندس ڪوپڙيءَ کي پٽي کائيندا. جنهن ڪم جي باري ۾ توهان مون کان پڇا ڪري رهيا

تَسْتَفْتِيٰنِ ﴿٤١﴾ وَقَالَ لِلَّذِيْ ظَنَّ اَنَّهٗ نَاجٍ مِّنْهُمَا اذْكُرْنِيْ عِنْدَ رَبِّكَ ۫

آهيو، ان جو فيصلو ٿي چڪو ﴿٤١﴾ ۽ ٻنهي مان جنهن شخص جي باري ۾ يوسف (عليه السلام) ڄاڻيو ته اهو ڇڏبو، تنهن کي چيائين ته
پنهنجي مالڪ يعني بادشاه وٽ منهنجو ذڪر ڪجانءِ. پوءِ شيطان پنهنجي بادشاه وٽ يوسف (عليه السلام) جو ذڪر ڪرڻ، ان

فَاَنْسٰىهُ الشَّيْطٰنُ ذِكْرَ رَبِّهٖ فَلَبِثَ فِي السِّجْنِ بِضْعَ سِنِيْنَ ﴿٤٢﴾ وَقَالَ

ع ٥/٧ ١٥

کان وساري ڇڏيو. (پوءِ آزاد ٿيڻ تائين سانده ستَ) سال جيل ۾ رهيو ﴿٤٢﴾ ۽ بادشاه (پنهنجن ساٿين ۽ تعبير ٻڌائيندڙن

الْمَلِكُ اِنِّيْۤ اَرٰى سَبْعَ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّسَبْعَ

کي) چيو ته بيشڪ آءٌ خواب ۾ ڏسان ٿو ته ستن متارين ڳئن کي ست ڏٻريون ڳئون کائي رهيون آهن ۽ ست ساوا

سُنْۢبُلٰتٍ خُضْرٍ وَّاُخَرَ يٰبِسٰتٍ ؕ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَاُ اَفْتُوْنِيْ فِيْ رُءْيَايَ اِنْ

سنگ ۽ ٻيا ست سڪل سنگ آهن. اي منهنجا سردارو! مون کي منهنجي خواب جي تعبير ٻڌايو، جيڪڏهن

كُنْتُمْ لِلرُّءْيَا تَعْبُرُوْنَ ﴿٤٣﴾ قَالُوْۤا اَضْغَاثُ اَحْلَامٍ ۚ وَمَا نَحْنُ بِتَاْوِيْلِ

توهين خوابن جي تعبير ڄاڻو ٿا ﴿٤٣﴾ انهن چيو ته اهي ته بيڪار قسم جا خواب آهن ۽ اسين بيڪار خوابن جي تعبير

الْاَحْلَامِ بِعٰلِمِيْنَ ﴿٤٤﴾ وَقَالَ الَّذِيْ نَجَا مِنْهُمَا وَادَّكَرَ بَعْدَ اُمَّةٍ اَنَا

نٿا ڄاڻون ﴿٤٤﴾ ۽ انهن ٻنهي مان جنهن نجات لڌي ۽ ڪيس هڪ مدّت کان پوءِ ياد آيو، تنهن چيو ته توهان کي خواب جي

اُنَبِّئُكُمْ بِتَاْوِيْلِهٖ فَاَرْسِلُوْنِ ﴿٤٥﴾ يُوْسُفُ اَيُّهَا الصِّدِّيْقُ اَفْتِنَا فِيْ

تعبير آءٌ ٿو ٻڌايان، بس مون کي (جيل ڏانهن) وڃڻ ڏيو ﴿٤٥﴾ اي سچا يوسف! اسان کي (هن) خواب جي تعبير ٻڌاءِ.

سَبْعِ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّسَبْعِ سُنْۢبُلٰتٍ خُضْرٍ وَّ

ستن متارين ڳئن کي ست ڏٻريون ڳئون کائين ٿيون ۽ هڪڙا ست ساوا سنگ ۽ ٻيا ست سڪل سنگ آهن. مَنَ آءٌ ماڻهن

اُخَرَ يٰبِسٰتٍ ۙ لَّعَلِّيْۤ اَرْجِعُ اِلَى النَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٦﴾ قَالَ تَزْرَعُوْنَ

(يعني بادشاهه ۽ سندس ساٿين) ڏانهن موٽان ته مَنَ اهي (تنهنجي ٻڌايل تعبير) کي ڄاڻن ﴿٤٦﴾ (يوسف عليه السلام) چيو ته

سَبْعَ سِنِيْنَ دَاَبًا ۚ فَمَا حَصَدْتُّمْ فَذَرُوْهُ فِيْ سُنْۢبُلِهٖٓ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا

ست سال ساندهہ پوک ڪندا رھو، پوءِ فصل لھن تہ (سڀ فصل) سنگن ۾ ڇڏي ڏيو، مگر ڪي ٿورا جيڪي

تَاْكُلُوْنَ ﴿٤٧﴾ ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ سَبْعٌ شِدَادٌ يَّاْكُلْنَ مَا قَدَّمْتُمْ لَهُنَّ

توهان کائو ﴿٤٧﴾ پوءِ سخت ڏڪار جا ست سال ايندا، جيڪي اھو سڀ ڪجهہ کائي ويندا، جو انھن لاءِ اڳ ۾ توهان رکيو

اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تُحْصِنُوْنَ ﴿٤٨﴾ ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ عَامٌ فِيْهِ يُغَاثُ

ھوندو، مگر ڪجهہ ٿورو جيڪو توهان بچايو ھوندو ﴿٤٨﴾ ان کان پوءِ (سڪار جو) ھڪ سال ايندو، جنھن ۾ ماڻھن لاءِ مينھن

النَّاسُ وَفِيْهِ يَعْصِرُوْنَ ﴿٤٩﴾ ع وَقَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ بِهٖ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُ الرَّسُوْلُ ع ٦ ١٢

وسايا ويندا ۽ جنھن ۾ (ماڻھو ترن، انگورن ۽ زيتون مان تيل ڪيندا ۽ ميون ڪي) نپوڙيندا ﴿٤٩﴾ ۽ بادشاھ چيو تہ انھيءَ (تعبير
ٻڌائيندڙ) کي مون وٽ وٺي اچو. جڏھن وٽس قاصد آيو تہ (يوسف عليه السلام) چيو تہ پنھنجي بادشاھ وٽ موٽي وڃ، ان کان پڇ تہ

قَالَ ارْجِعْ اِلٰى رَبِّكَ فَسْـَٔلْهُ مَا بَالُ النِّسْوَةِ الّٰتِيْ قَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ ۭ

انھن عورتن جو ڪھڙو حال آھي، جن پنھنجا ھٿ وڍيا ھئا. بيشڪ منھنجو پالڻھار سندن ڳجهي تدبير کي چڱيءَ طرح

اِنَّ رَبِّيْ بِكَيْدِهِنَّ عَلِيْمٌ ﴿٥٠﴾ قَالَ مَا خَطْبُكُنَّ اِذْ رَاوَدْتُّنَّ يُوْسُفَ عَنْ

ڄاڻندڙ آھي (تہ جيئن منھنجي امانتداري ۽ پاڪدامني ظاھر ٿئي.) ﴿٥٠﴾ (بادشاھ) چيو تہ جڏھن توهان يوسف کي سندس

نَّفْسِهٖ ۭ قُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا عَلِمْنَا عَلَيْهِ مِنْ سُوْۗءٍ ۭ قَالَتِ امْرَاَتُ الْعَزِيْزِ

نفس کان ورغلايو تہ ان وقت توهان جو ڪھڙو حال ھو؟ انھن چيو تہ الله پاڪ آھي، اسان منجهس ڪا برائي نہ لڌي. عزيز جي

الْـٰٔنَ حَصْحَصَ الْحَقُّ ۡ اَنَا رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ وَاِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٥١﴾

زال چيو تہ ھاڻي حقّ پڌرو ٿي چڪو. بيشڪ مون ئي کيس سندس نفس کان ورغلايو ۽ بيشڪ اھو سچن مان آھي ﴿٥١﴾

ذٰلِكَ لِيَعْلَمَ اَنِّيْ لَمْ اَخُنْهُ بِالْغَيْبِ وَاَنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ كَيْدَ الْخَاۗىِٕنِيْنَ ﴿٥٢﴾

اھو (يعني حضرت يوسف عليه السلام جي طرفان قاصد کي بادشاھ ڏانھن موٽائڻ) ھن ڪري آھي تہ جيئن (عزيز مصر) ڄاڻي تہ
مون ان سان پرپٺ خيانت نہ ڪئي آھي ۽ ھيءُ تہ الله تعاليٰ خيانت ڪندڙن جي تدبير کي ڪامياب نہ ڪندو آھي ﴿٥٢﴾

وَمَآ اُبَرِّئُ نَفْسِيْ ۚ اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْۗءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيْ ۭ

۽ آءٌ پنهنجي نفس کي پاڪ نٿو چوان. بيشڪ (خواهشن تي هلندڙ) نفس برائيءَ جو حڪم ڪندو آهي، مگر

اِنَّ رَبِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۵۳﴾ وَقَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ بِهٖٓ اَسْتَخْلِصْهُ لِنَفْسِيْ ۚ

جو ڪجهه منهنجو ربّ رحم فرمائي. بيشڪ منهنجو ربّ مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿۵۳﴾ ۽ بادشاهه چيو ته ڪيس مون وٽ وٺي
اچو ته آءٌ ان کي پنهنجي لاءِ خاص (مقرّب مقرر) ڪريان. پوءِ جڏهن ساڻس ڳالهه ڪيائين (ته سندس سياڻپ کي پرکي)

فَلَمَّا كَلَّمَهٗ قَالَ اِنَّكَ الْيَوْمَ لَدَيْنَا مَكِيْنٌ اَمِيْنٌ ﴿۵۴﴾ قَالَ اجْعَلْنِيْ

ڪيس چيائين ته بيشڪ تون اڄ ڪان اسان وٽ وڏي مانَ، مرتبي وارو، امانتدار آهين ﴿۵۴﴾ (يوسف عليه السلام) چيو ته مون

عَلٰي خَزَاۗىِٕنِ الْاَرْضِ ۚ اِنِّىْ حَفِيْظٌ عَلِيْمٌ ﴿۵۵﴾ وَكَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ

کي ملڪ (مصر) جي خزانن تي مقرر ڪر. بيشڪ آءٌ حفاظت ڪندڙ، ڄاڻو آهيان ﴿۵۵﴾ ۽ اهڙيءَ طرح اسان يوسف (عليه السلام)

فِي الْاَرْضِ ۚ يَتَبَوَّاُ مِنْهَا حَيْثُ يَشَاۗءُ ۭ نُصِيْبُ بِرَحْمَتِنَا مَنْ نَّشَاۗءُ وَلَا

کي (جيل مان آزاد ڪرائي ملڪ مصر جي) سرزمين ۾ طاقت ۽ قدرت عطا ڪئي، ان مان جتي به وڻندو هيس، اتي

نُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۵۶﴾ وَلَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

عمل دخل ڪندو هو. اسين جنهن کي چاهيندا آهيون، تنهن کي پنهنجي رحمت سان نوازيندا آهيون ۽ اسين نيڪي
ڪندڙن جو اجر ضايع نه ڪندا آهيون ﴿۵۶﴾ ۽ آخرت جو اجر انهن ماڻهن لاءِ وڌيڪ چڱو آهي، جيڪي ايمان آڻين ٿا ۽ اهي

ع ۷ كَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿۵۷﴾ ع وَجَاۗءَ اِخْوَةُ يُوْسُفَ فَدَخَلُوْا عَلَيْهِ فَعَرَفَهُمْ

پرهيزگاري ڪن ٿا ﴿۵۷﴾ ۽ (ڏڪار جا ستايل) يوسف (عليه السلام) جا ڀائر وٽس (اناج خريد ڪرڻ لاءِ) آيا، پوءِ ڪين سڃاتائين ۽

وَهُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿۵۸﴾ وَلَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ قَالَ ائْتُوْنِيْ بِاَخٍ

انهن ڪيس نه سڃاتو ﴿۵۸﴾ ۽ جڏهن (يوسف عليه السلام) سندن لاءِ (هڪ هڪ اٺ جو) اناج تيار ڪرايو، ڪين چيائين ته پنهنجي

لَّكُمْ مِّنْ اَبِيْكُمْ ۚ اَلَا تَرَوْنَ اَنِّىْٓ اُوْفِي الْكَيْلَ وَاَنَا خَيْرُ الْمُنْزِلِيْنَ ﴿۵۹﴾

پيءُ وٽان پنهنجي ڀاءُ کي به مون وٽ وٺي اچو. ڇا ڏسو نٿا ته آءٌ ماپ پوري ڏيان ٿو ۽ آءٌ چڱو مهمان نواز به آهيان ﴿۵۹﴾

فَاِنْ لَّمْ تَاْتُوْنِیْ بِهٖ فَلَا كَيْلَ لَكُمْ عِنْدِیْ وَلَا تَقْرَبُوْنِ ﴿٦٠﴾ قَالُوْا

پوءِ جيڪڏهن مون وٽ ڪيس نه آڻيو ته پوءِ مون وٽ توهان لاءِ ڪا ماپ نه آهي ۽ منهنجي ويجهو به نه اچجو ﴿٦٠﴾ چيائون ته

سَنُرَاوِدُ عَنْهُ اَبَاهُ وَاِنَّا لَفٰعِلُوْنَ ﴿٦١﴾ وَقَالَ لِفِتْيٰنِهِ اجْعَلُوْا

سگهو ئي سندس باري ۾ (ڪو عذر ۽ بهانو پيش ڪري)، سندس پيءُ کي ورغلائينداسون ۽ ضرور اسين (اهو ڪم) ڪرڻ وارا آهيون ﴿٦١﴾ ۽ يوسف (عليه السلام) پنهنجن جوانن کي چيو ته انهن جي موڙين کي (يعني اناج جي آندل سندن قيمت کي)

بِضَاعَتَهُمْ فِیْ رِحَالِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَعْرِفُوْنَهَآ اِذَا انْقَلَبُوْٓا اِلٰٓى

سندن اناج جي مڏين ۾ وجهي ڇڏيو. جڏهن پنهنجن گهر وارن وٽ موٽن ته شايد ان کي سڃاڻن ۽ شايد اهي

اَهْلِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٦٢﴾ فَلَمَّا رَجَعُوْٓا اِلٰٓى اَبِيْهِمْ قَالُوْا

(اسان وٽ) وري موٽي اچن ﴿٦٢﴾ پوءِ جڏهن پنهنجي پيءُ وٽ (ڪنعان) موٽي آيا، چيائون ته اي اسان

يٰٓاَبَانَا مُنِعَ مِنَّا الْكَيْلُ فَاَرْسِلْ مَعَنَآ اَخَانَا نَكْتَلْ وَاِنَّا لَهٗ

جا بابا! (جيڪڏهن بن يامين کي وٺي نه وياسون ته) اسان کي (اناج جو) ماڻ ڏيڻ کان منع ڪئي وئي

لَحٰفِظُوْنَ ﴿٦٣﴾ قَالَ هَلْ اٰمَنُكُمْ عَلَيْهِ اِلَّا كَمَآ اَمِنْتُكُمْ عَلٰٓى اَخِيْهِ

آهي، پوءِ اسان سان گڏ اسان جي ڀاءُ کي به موڪل ته ماڻ وٺي اچون ۽ بيشڪ اسين سندس حفاظت ڪندڙ آهيون ﴿٦٣﴾ (يعقوب عليه السلام پٽن کي) چيو ته ڇا سندس باري ۾ توهان تي ائين ئي اعتبار ڪريان، جيئن ان کان اڳ سندس ڀاءُ (يوسف

مِنْ قَبْلُ ؕ فَاللّٰهُ خَيْرٌ حٰفِظًا ۪ وَّهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٦٤﴾ وَلَمَّا فَتَحُوْا

عليه السلام) جي باري ۾ توهان تي اعتبار ڪيو هيم (يعني مون کي توهان تي سندس باري ۾ ويساهه نه آهي.) پوءِ الله چڱو نگهبان آهي ۽ اهوئي سڀ کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهي ﴿٦٤﴾ ۽ جڏهن پنهنجو سامان کوليائون ته پنهنجي موڙي منجهس

مَتَاعَهُمْ وَجَدُوْا بِضَاعَتَهُمْ رُدَّتْ اِلَيْهِمْ ؕ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَا

لڌائون، جيڪا کين موٽائي ڏني وئي هئي. چيائون ته اي اسان جا ابا! اسان کي ٻيو ڇا گهرجي؟ هيءَ اسان جي

نَبْغِیْ ؕ هٰذِهٖ بِضَاعَتُنَا رُدَّتْ اِلَيْنَا ۚ وَنَمِيْرُ اَهْلَنَا وَنَحْفَظُ

موڙي اسان کي موٽائي ڏني وئي آهي. (هاڻي اناج آڻڻ لاءِ تو کان قيمت نٿا گهرون، پاڻ) پنهنجن گهر وارن لاءِ اناج

اَخَانَا وَ نَزْدَادُ كَيْلَ بَعِيْرٍ ؕ ذٰلِكَ كَيْلٌ يَّسِيْرٌ ﴿٦٥﴾ قَالَ لَنْ اُرْسِلَهٗ

آٽيندا سون ۽ پنهنجي ڀاءُ جي (پوري پوري) حفاظت ڪندا سون ۽ هڪ اُن جي اناج جو ماڻ وڌيڪ وٺي ايندا سون، هي
(موجوده اناج جو ماڻ جيڪو اسان آندو آهي)، سو ٿورو آهي ﴿٦٥﴾ (يعقوب عليه السلام) چيو ته هن (بن يامين) کي توهان سان گڏ

مَعَكُمْ حَتّٰى تُؤْتُوْنِ مَوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ لَتَاْتُنَّنِيْ بِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ

هرگز نه موڪليندس، جيستائين مون کي الله جي قسم تي يقين ڏياريو ته ڪيس ضرور مون وٽ آڻيندا. مگر هيءُ ته

يُّحَاطَ بِكُمْ ۚ فَلَمَّاۤ اٰتَوْهُ مَوْثِقَهُمْ قَالَ اللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿٦٦﴾ وَ

توهان ڪنهن مصيبت (يا هلاڪت يا موت) ۾ ڦاسي پئو. پوءِ جڏهن ڪيس پنهنجو پڪو عهد ڏنائون (۽ ان تي قسم کنيائون ته
يعقوب عليه السلام کين) چيو ته جيڪي ڪجهه اسين چئي رهيا آهيون، ان تي الله نگهبان آهي ﴿٦٦﴾ ۽ يعقوب (عليه السلام) چيو ته اي منهنجا

قَالَ يٰبَنِيَّ لَا تَدْخُلُوْا مِنْۢ بَابٍ وَّاحِدٍ وَّادْخُلُوْا مِنْ اَبْوَابٍ مُّتَفَرِّقَةٍ ؕ

پٽڙو! (شهر ۾) هڪڙي دروازي کان داخل نه ٿجو ۽ جدا جدا دروازن کان داخل ٿجو ۽ آءٌ توهان تان الله جي تقدير مان ڪا

وَمَاۤ اُغْنِيْ عَنْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ عَلَيْهِ

به شيءِ ٽاري نٿو سگهان. حڪم ته الله جو ئي آهي. مون مٿس ئي ڀروسو ڪيو ۽ هر ڀروسو ڪندڙ کي مٿس ئي ڀروسو

تَوَكَّلْتُ ۚ وَعَلَيْهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَ لَمَّا دَخَلُوْا مِنْ حَيْثُ

ڪرڻ گهرجي ﴿٦٧﴾ ۽ جڏهن انهيءَ هنڌان داخل ٿيا، جتان کين سندن پيءُ حڪم ڪيو هو. اهو کين الله (جي

اَمَرَهُمْ اَبُوْهُمْ ؕ مَا كَانَ يُغْنِيْ عَنْهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ اِلَّا حَاجَةً

تقدير) کان ڪجهه ٽاري نٿي سگهيو، مگر يعقوب (عليه السلام) جي دل جي هڪڙي حاجت هئي، جيڪا انهيءَ

فِيْ نَفْسِ يَعْقُوْبَ قَضٰىهَا ؕ وَاِنَّهٗ لَذُوْ عِلْمٍ لِّمَا عَلَّمْنٰهُ وَلٰكِنَّ

پوري ڪئي ۽ بيشڪ اهو اسان جي سيکاريل علم (۽ الهام) سبب وڏي علم (۽ معرفت ۽ يقين) وارو هو ۽ پر

اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦٨﴾ ع وَ لَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى يُوْسُفَ اٰوٰۤى اِلَيْهِ ع ١١ ٢

گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن ﴿٦٨﴾ ۽ جڏهن اهي يوسف (عليه السلام) وٽ داخل ٿيا ته پنهنجي ڀاءُ (بن يامين) کي پاڻ وٽ جاءِ

اَخَاهُ قَالَ اِنِّیْٓ اَنَا اَخُوْكَ فَلَا تَبْتَئِسْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٩﴾ فَلَمَّا

ڏنائين. چيائينس ته بيشڪ آءٌ تنهنجو ڀاءُ آهيان، پوءِ جو ڪجھ اهي ڪن ٿا، ان تي غم نه ڪر ﴿٦٩﴾ پوءِ جڏهن سندن

جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ جَعَلَ السِّقَايَةَ فِیْ رَحْلِ اَخِيْهِ ثُمَّ اَذَّنَ

لاءِ سامان تيار ڪيائين ته پنهنجي سڳي ڀاءُ جي مڏيءَ ۾ (هيرن جواهرن مان جُڙيل) پيالو رکي ڇڏيائين. پوءِ

مُؤَذِّنٌ اَيَّتُهَا الْعِيْرُ اِنَّكُمْ لَسٰرِقُوْنَ ﴿٧٠﴾ قَالُوْا وَاَقْبَلُوْا عَلَيْهِمْ مَّاذَا

هڪ اعلان ڪندڙ اعلان ڪيو ته اي قافلي وارو! بيشڪ توهان چور آهيو ﴿٧٠﴾ انهن سندن طرف متوجه ٿي چيو ته ڪهڙي

تَفْقِدُوْنَ ﴿٧١﴾ قَالُوْا نَفْقِدُ صُوَاعَ الْمَلِكِ وَلِمَنْ جَآءَ بِهٖ حِمْلُ

شيءِ وڃائي اٿوَ ﴿٧١﴾ انهن چيو ته اسان جي بادشاه جو، ماپ ڪرڻ وارو پيالو گم ٿي ويو آهي ۽ جيڪو اهو آڻيندو، تنهن

بَعِيْرٍ وَّاَنَا بِهٖ زَعِيْمٌ ﴿٧٢﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ عَلِمْتُمْ مَّا جِئْنَا

لاءِ هڪ اٺ جو بار (انعام) آهي ۽ آءٌ ان (وعدي) جو ذميوار آهيان ﴿٧٢﴾ چيائون ته الله جو قسم! بيشڪ توهان کي خبر آهي ته

لِنُفْسِدَ فِی الْاَرْضِ وَمَا كُنَّا سٰرِقِيْنَ ﴿٧٣﴾ قَالُوْا فَمَا جَزَآؤُهٗٓ اِنْ

اسين زمين ۾ فساد ڪرڻ لاءِ نه آيا آهيون ۽ نڪي اسين چور آهيون ﴿٧٣﴾ (نوڪرن) چيو ته جيڪڏهن توهان ڪوڙا ثابت ٿيو ته ان

كُنْتُمْ كٰذِبِيْنَ ﴿٧٤﴾ قَالُوْا جَزَآؤُهٗ مَنْ وُّجِدَ فِیْ رَحْلِهٖ فَهُوَ

شخص جي سزا ڪهڙي آهي؟ ﴿٧٤﴾ انهن چيو ته سندس سزا اهيءَ آهي ته جنهن جي مڏيءَ ۾ (پيالو) لڌو وڃي، اهو پاڻ ان

جَزَآؤُهٗ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِی الظّٰلِمِيْنَ ﴿٧٥﴾ فَبَدَاَ بِاَوْعِيَتِهِمْ قَبْلَ وِعَآءِ

جو بدلو آهي. اهڙيءَ طرح اسين ظالمن کي سزا ڏيندا آهيون ﴿٧٥﴾ پوءِ پنهنجي ڀاءُ جي بوري جي تلاشيءَ کان اڳ سندن

اَخِيْهِ ثُمَّ اسْتَخْرَجَهَا مِنْ وِّعَآءِ اَخِيْهِ ؕ كَذٰلِكَ كِدْنَا

بورين جي تلاشي ورتائين. پوءِ پنهنجي ڀاءُ جي بوري مان پيالو ڪڍيائين. اهڙيءَ طرح اسان يوسف کي تدبير

لِيُوْسُفَ ؕ مَا كَانَ لِيَاْخُذَ اَخَاهُ فِىْ دِيْنِ الْمَلِكِ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ

سيکاري. بادشاھ جي دين (۽ قانون) ۾ پنھنجي ڀاءُ کي وٺڻ وارو نه ھو، مگر ھي ته الله گھري. اسين جنھن جا گھرون تا،

اللّٰهُ ؕ نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ؕ وَ فَوْقَ كُلِّ ذِىْ عِلْمٍ عَلِيْمٌ ﴿٧٦﴾

درجا بلند ڪريون ٿا ۽ ھر علم واري جي مٿان ھڪ علم وارو آھي (۽ علم جي انتھا ۽ ڳجھ جو علم رڳو الله وٽ آھي.) ﴿٧٦﴾

قَالُوْٓا اِنْ يَّسْرِقْ فَقَدْ سَرَقَ اَخٌ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ ۚ فَاَسَرَّهَا

انھن چيو ته جيڪڏھن ان (بن يامين) چوري ڪئي آھي، ته بيشڪ اڳ ۾ سندس ڀاءُ به چوري ڪري چڪو آھي. پوءِ يوسف

يُوْسُفُ فِىْ نَفْسِهٖ وَلَمْ يُبْدِهَا لَهُمْ ۚ قَالَ اَنْتُمْ شَرٌّ مَّكَانًا ۚ

اھا ڳالھ پنھنجي دل ۾ لڪائي ۽ سندن سامھون ان کي ظاھر نه ڪيائين. چيائين ته توھان ئي (الله وٽ) بڇڙي مرتبي

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا تَصِفُوْنَ ﴿٧٧﴾ قَالُوْا يٰٓاَيُّهَا الْعَزِيْزُ اِنَّ لَهٗٓ اَبًا

وارا آھيو ۽ جيڪي ڳاھ ٺاھيو ٿا، الله تن کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو ﴿٧٧﴾ چيائون ته اي عزيز! بيشڪ سندس پيءُ جھور پوڙھو

شَيْخًا كَبِيْرًا فَخُذْ اَحَدَنَا مَكَانَهٗ ۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٧٨﴾

آھي. سندس بجاءِ اسان مان ڪنھن کي روڪي رک. بيشڪ اسين توکي احسان ڪندڙن مان ڏسون ٿا ﴿٧٨﴾

قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اَنْ نَّاْخُذَ اِلَّا مَنْ وَّجَدْنَا مَتَاعَنَا عِنْدَهٗٓ ۙ اِنَّآ اِذًا

ان چيو ته الله جي پناھ! جو جنھن وٽ پنھنجو سامان لڌوسون، ان جي بجاءِ ٻئي کي پاڻ وٽ روڪيون. بيشڪ ان وقت

لَّظٰلِمُوْنَ ﴿٧٩﴾ فَلَمَّا اسْتَيْـَٔسُوْا مِنْهُ خَلَصُوْا نَجِيًّا ؕ قَالَ كَبِيْرُهُمْ ع

اسين ظالم ٿينداسون ﴿٧٩﴾ پوءِ جڏھن کانئس نااميد ٿيا ته پاڻ ۾ خلاصا ٿي مشورو ڪرڻ لڳا. سندن وڏي (ڀاءُ) چيو ته ڇا

اَلَمْ تَعْلَمُوْٓا اَنَّ اَبَاكُمْ قَدْ اَخَذَ عَلَيْكُمْ مَّوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ وَ

نٿا ڄاڻو ته بيشڪ توھان جي پيءُ توھان کان الله جو قسم ورتو آھي ۽ ھن کان اڳ توھان يوسف (عليه السلام) جي باري ۾

مِنْ قَبْلُ مَا فَرَّطْتُّمْ فِيْ يُوْسُفَ ج فَلَنْ اَبْرَحَ الْاَرْضَ حَتّٰى

جيڪا ڪوتاهي ڪري چڪا آهيو (ان ڪان بہ واقف آهيو.) . پوءِ آءٌ هن هنڌ تان هٽڻ وارو نہ آهيان، تانجو منهنجو پيءُ مون

يَاْذَنَ لِيْٓ اَبِيْٓ اَوْ يَحْكُمَ اللّٰهُ لِيْ ج وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨٠﴾ اِرْجِعُوْٓا

کي اجازت ڏي يا الله منهنجي باري ۾ فيصلو فرمائي ۽ اهوئي چڱو فيصلو فرمائڻ وارو آهي ﴿٨٠﴾ (پنهنجن پائرن کي

اِلٰٓى اَبِيْكُمْ فَقُوْلُوْا يٰٓاَبَانَآ اِنَّ ابْنَكَ سَرَقَ ج وَمَا شَهِدْنَآ اِلَّا

چيائين تہ) پنهنجي پيءُ ڏانهن موٽي وڃو، پوءِ چئوس تہ اي اسان جا ابا! بيشڪ تنهنجي پٽ چوري ڪئي ۽ اسان اها

بِمَا عَلِمْنَا وَمَا كُنَّا لِلْغَيْبِ حٰفِظِيْنَ ﴿٨١﴾ وَسْـَٔلِ الْقَرْيَةَ الَّتِيْ كُنَّا

ئي شاهدي ڏني، جنهن جو اسان کي علم آهي ۽ اسين ڳجهہ جا رکوالا نہ آهيون ﴿٨١﴾ ۽ اسين جنهن ڳوٺ ۾ هئاسون ۽

فِيْهَا وَالْعِيْرَ الَّتِيْٓ اَقْبَلْنَا فِيْهَا ط وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٨٢﴾ قَالَ

جنهن قافلي سان گڏجي آيا آهيون، ان کان پڇي ڏس ۽ بيشڪ اسين سچا آهيون ﴿٨٢﴾ (جڏهن پائرن قصو عرض ڪيو تہ

بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ط فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ط عَسَى اللّٰهُ اَنْ

يعقوب چيو تہ بلڪ توهان جي نفسن توهان لاءِ (اهو) ڪم سولو ڪيو آهي. پوءِ سهڻو صبر ئي (مناسب) آهي. ويجهو

يَّاْتِيَنِيْ بِهِمْ جَمِيْعًا ط اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿٨٣﴾ وَتَوَلّٰى عَنْهُمْ

آهي تہ الله انهن سڀني کي مون وٽ آڻي. بيشڪ اهو علم وارو، حڪمت وارو آهي ﴿٨٣﴾ ۽ انهن کان منهن موڙيائين ۽

وَقَالَ يٰٓاَسَفٰى عَلٰى يُوْسُفَ وَابْيَضَّتْ عَيْنٰهُ مِنَ الْحُزْنِ فَهُوَ

چيائين تہ افسوس! مون کي يوسف (جي وڇوڙي) جو غم ڪائي رهيو آهي ۽ سندس ٻئي اکيون غم سبب اڇيون ٿي

كَظِيْمٌ ﴿٨٤﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ تَفْتَؤُا تَذْكُرُ يُوْسُفَ حَتّٰى تَكُوْنَ حَرَضًا

ويون، پوءِ اندر ئي اندر ڳرندو رهيو ﴿٨٤﴾ انهن چيو تہ الله جو قسم! تون يوسف (عليه السلام) کي (سدائين) ياد ڪندو

أَوْ تَكُوْنَ مِنَ الْهٰلِكِيْنَ ﴿٨٥﴾ قَالَ اِنَّمَآ اَشْكُوْا بَثِّيْ وَحُزْنِيْٓ اِلَى

رهندين، تانجو ڳري مري وڃين يا هلاڪ ٿي پوين ﴿٨٥﴾ (يعقوب عليه السلام) چيو تہ بيشڪ آءٌ پنهنجو ڏک ۽ پنهنجو غم الله وٽ

اللّٰهِ وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٦﴾ يٰبَنِيَّ اذْهَبُوْا فَتَحَسَّسُوْا

پيش ڪريان ٿو ۽ الله جي طرفان اهي ڳالهيون ڄاڻان ٿو، جيڪي توهان نٿا ڄاڻو ﴿٨٦﴾ اي منهنجا پٽڙو! وڃو

مِنْ يُّوْسُفَ وَاَخِيْهِ وَلَا تَايْـَٔسُوْا مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا يَايْـَٔسُ

يوسف ۽ سندس ڀاءُ کي تلاش ڪريو ۽ الله جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو. بيشڪ الله جي رحمت کان رڳو

مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٧﴾ فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلَيْهِ قَالُوْا

ڪافر ماڻهو ئي نااميد ٿيندا آهن ﴿٨٧﴾ (پوءِ اهي مصر ويا.) پوءِ جڏهن اهي وٽس داخل ٿيا، انهن چيو تہ

يٰٓاَيُّهَا الْعَزِيْزُ مَسَّنَا وَاَهْلَنَا الضُّرُّ وَجِئْنَا بِبِضَاعَةٍ مُّزْجٰىةٍ

اي عزيز! اسين ۽ اسان جا گهر وارا مصيبت (۽ بک) جا ماريل آهيون ۽ اسان معمولي قيمت آندي آهي. پوءِ

فَاَوْفِ لَنَا الْكَيْلَ وَتَصَدَّقْ عَلَيْنَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَجْزِي الْمُتَصَدِّقِيْنَ ﴿٨٨﴾

اسان کي پوري ماپ ڏي ۽ اسان کي خيرات بہ ڏي. بيشڪ الله خيرات ڏيندڙن کي بدلو ڏيندو آهي ﴿٨٨﴾

قَالَ هَلْ عَلِمْتُمْ مَّا فَعَلْتُمْ بِيُوْسُفَ وَاَخِيْهِ اِذْ اَنْتُمْ جٰهِلُوْنَ ﴿٨٩﴾

(يوسف) چيو تہ ڇا توهان کي ڄاڻ آهي تہ توهان يوسف ۽ سندس ڀاءُ سان ڇا ڪيو هو، جڏهن توهان جاهل هئا؟ ﴿٨٩﴾

قَالُوْٓا ءَاِنَّكَ لَاَنْتَ يُوْسُفُ ؕ قَالَ اَنَا يُوْسُفُ وَهٰذَآ اَخِيْ ز قَدْ مَنَّ

انهن چيو تہ ڇا واقعي تون ئي يوسف آهين؟ انهيءَ چيو تہ آءٌ ئي يوسف آهيان ۽ هيءُ منهنجو ڀاءُ آهي. بيشڪ الله اسان تي

اللّٰهُ عَلَيْنَا ؕ اِنَّهٗ مَنْ يَّتَّقِ وَيَصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ

احسان فرمايو. بيشڪ جيڪو شخص پرهيزگاري ۽ صبر ڪندو آهي تہ پوءِ بيشڪ الله نيڪي ڪندڙن جو اجر ضايع نہ ڪندو

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٩٠﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ اٰثَرَكَ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَاِنْ كُنَّا لَخٰطِـِٕيْنَ ﴿٩١﴾

آهي ﴿٩٠﴾ انهن چيو تہ الله جو قسم! بيشڪ الله توکي اسان تي (فضيلت ۾) ترجيح ڏني ۽ جيتوڻيڪ اسين خطاڪار هئاسون ﴿٩١﴾

قَالَ لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ؕ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ز وَهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٩٢﴾

(يوسف) چيو تہ اڄ توهان تي ڪا پڪڙ، پڇاڻو نہ آهي. الله توهان کي بخشي ۽ اهو ئي سڀ ڪان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهي ﴿٩٢﴾

اِذْهَبُوْا بِقَمِيْصِيْ هٰذَا فَاَلْقُوْهُ عَلٰى وَجْهِ اَبِيْ يَاْتِ بَصِيْرًا ج وَاْتُوْنِيْ

منهنجي هيءَ (بهشت واري) قميص کڻي وڃو. پوءِ ان کي منهنجي پيءُ جي منهن تي وجهو تہ سندس
نظر بحال ٿي ويندي ۽ پنهنجن سڀني گهر وارن کي مون وٽ وٺي اچو ﴿٩٣﴾ ۽ جڏهن (مصر مان) قافلو روانو ٿيو تہ،

بِاَهْلِكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٩٣﴾ ع وَلَمَّا فَصَلَتِ الْعِيْرُ قَالَ اَبُوْهُمْ اِنِّيْ لَاَجِدُ

سندن پيءُ چيو تہ بيشڪ آءُ يوسف (عليہ السلام) جي خوشبوءِ لهان ٿو، جيڪڏهن توهان مون کي سودائي (۽ پوڙهو)

رِيْحَ يُوْسُفَ لَوْلَآ اَنْ تُفَنِّدُوْنِ ﴿٩٤﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ اِنَّكَ لَفِيْ ضَلٰلِكَ

نہ ڀانيو ﴿٩٤﴾ انهن (يعني سندس گهر وارن ڪيس) چيو تہ الله جو قسم! تون تہ (ظاهر ظهور) اڳئين خطا (يعني سوداءَ)

الْقَدِيْمِ ﴿٩٥﴾ فَلَمَّآ اَنْ جَآءَ الْبَشِيْرُ اَلْقٰىهُ عَلٰى وَجْهِهٖ فَارْتَدَّ بَصِيْرًا ج

۾ آهين ﴿٩٥﴾ پوءِ جڏهن خوشخبري ڏيندڙ آيو سندس منهن تي ان جي قميص وڌي تہ سندس نظر موٽي آئي. (يعقوب

قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ ج اِنِّيْٓ اَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٦﴾ قَالُوْا

عليہ السلام) چيو تہ ڇا توهان کي نہ چيو هيم تہ بيشڪ آءُ الله جي طرفان اهي ڳالهيون ڄاڻان ٿو، جيڪي توهان نٿا ڄاڻو ﴿٩٦﴾

يٰٓاَبَانَا اسْتَغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَآ اِنَّا كُنَّا خٰطِـِٕيْنَ ﴿٩٧﴾ قَالَ سَوْفَ

انهن چيو تہ اي اسان جا ابا! اسان جي گناهن جي مغفرت گهر، بيشڪ اسين گنهگار آهيون ﴿٩٧﴾ (يعقوب عليہ السلام) چيو تہ

اَسْتَغْفِرُ لَكُمْ رَبِّيْ ط اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿٩٨﴾ فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى

سگهو ئي توهان لاءِ پنهنجي ربّ کان بخشش گهرندس، بيشڪ اهو مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿٩٨﴾ پوءِ جڏهن

يُوْسُفَ اٰوٰۤى اِلَيْهِ اَبَوَيْهِ وَ قَالَ ادْخُلُوْا مِصْرَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ

يوسف (عليه السلام) وٽ داخل ٿيا ته پنهنجي پيءُ ماءُ کي پاڻ وٽ جاءِ ڏنائين ۽ چيائين ته انشاءَ الله مصر ۾ (بغير روڪ ٽوڪ

اٰمِنِيْنَ ﴿٩٩﴾ وَ رَفَعَ اَبَوَيْهِ عَلَى الْعَرْشِ وَ خَرُّوْا لَهٗ سُجَّدًا ۚ وَ قَالَ

جي) امن سان داخل ٿيو ﴿٩٩﴾ ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ کي تخت تي ويهاريائين ۽ (سندن شريعت ۾ ڏنل اجازت مطابق سندس

يٰۤاَبَتِ هٰذَا تَاْوِيْلُ رُءْيَايَ مِنْ قَبْلُ ؗ قَدْ جَعَلَهَا رَبِّيْ حَقًّا ؕ

تعظيم لاءِ) سندس سامهون سجدي ۾ ڪري پيا ۽ (يوسف) چيو ته اي منهنجا بابا! هيءَ آهي اڳ ۾ ڏٺل منهنجي خواب

وَ قَدْ اَحْسَنَ بِيْۤ اِذْ اَخْرَجَنِيْ مِنَ السِّجْنِ وَ جَآءَ بِكُمْ مِّنَ الْبَدْوِ

جي تعبير، جنهن کي منهنجي ربّ سچو ڪيو ۽ مون تي احسان فرمايائين، جڏهن مون کي جيل مان ڪڍيائين ۽

مِنْۢ بَعْدِ اَنْ نَّزَغَ الشَّيْطٰنُ بَيْنِيْ وَ بَيْنَ اِخْوَتِيْ ؕ اِنَّ رَبِّيْ

منهنجي ۽ منهنجن ڀائرن جي وچ ۾ شيطان طرفان وڌل دشمنيءَ کان پوءِ توهان کي ڳوٺ مان آندائين. بيشڪ منهنجو

لَطِيْفٌ لِّمَا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿١٠٠﴾ رَبِّ قَدْ اٰتَيْتَنِيْ

ربّ جنهن لاءِ گهري ٿو، تنهن تي وڏو مهربان آهي. بيشڪ اهو علم وارو حڪمت وارو آهي ﴿١٠٠﴾ ربّ منهنجا! بيشڪ

مِنَ الْمُلْكِ وَ عَلَّمْتَنِيْ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ۚ فَاطِرَ

تو ئي مون کي (مصر جي) بادشاهي عطا ڪئي ۽ مون کي خوابن جي تعبير سيکاري. آسمانن ۽ زمين جا پيدا

السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۫ اَنْتَ وَلِيّٖ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۚ تَوَفَّنِيْ

ڪرڻ وارا! دنيا ۽ آخرت ۾ تون ئي منهنجو دوست ۽ وارث آهين. مون کي مسلمان ڪري موت ڏي ۽ مون کي نيڪ

مُسْلِمًا وَّ اَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠١﴾ ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهِ

ماڻهن ۾ شامل فرماءِ ﴿١٠١﴾ اهو (قصو جيڪو اسان بيان ڪيو)، ڳجهه جي خبرن مان آهي، جنهن جي تو ڏانهن

اِلَيْكَ ۚ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ اَجْمَعُوْٓا اَمْرَهُمْ وَهُمْ يَمْكُرُوْنَ ﴿١٠٢﴾

وحي ڪريون ٿا ۽ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) جڏهن اهي گڏجي پنهنجو معاملو طي ڪري رهيا هئا ۽ (يوسف عليه السلام جي خلاف)
تدبير ڪري رهيا هئا، ان وقت تون وٽن نه هئين ﴿١٠٢﴾ ۽ اڪثر ماڻهو جيتوڻيڪ (ڪيترو به سندن ايمان جي آڻڻ لاءِ) تون

وَمَآ اَكْثَرُ النَّاسِ وَلَوْ حَرَصْتَ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾ وَمَا تَسْـَٔلُهُمْ عَلَيْهِ

حرص رکين، ايمان آڻڻ وارا نه آهن ﴿١٠٣﴾ ۽ تون انهيءَ تي (يعني الله جي پيغام پهچائڻ تي) انهن کان ڪو اجر نٿو

مِنْ اَجْرٍ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٤﴾ ع وَكَاَيِّنْ مِّنْ اٰيَةٍ فِى ع ١١ ٥

گهرين. اهو (قرآن مجيد) ته رڳو جهانن وارن جي لاءِ هڪ نصيحت آهي ﴿١٠٤﴾ ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ ڪيتريون

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ يَمُرُّوْنَ عَلَيْهَا وَهُمْ عَنْهَا مُعْرِضُوْنَ ﴿١٠٥﴾ وَ

ئي نشانيون آهن، جن وٽان اهي گذرن ٿا ۽ پوءِ به اهي انهن کان منهن موڙيندڙ هوندا آهن ﴿١٠٥﴾ ۽ انهن

مَا يُؤْمِنُ اَكْثَرُهُمْ بِاللّٰهِ اِلَّا وَهُمْ مُّشْرِكُوْنَ ﴿١٠٦﴾ اَفَاَمِنُوْٓا اَنْ تَاْتِيَهُمْ

مان گهڻا ماڻهو الله تي ايمان نٿا آڻين مگر اهي شرڪ ڪندڙ هوندا آهن ﴿١٠٦﴾ ڇا اهي (ڪافر هن ڳالهه کان) بيخوف ٿي

غَاشِيَةٌ مِّنْ عَذَابِ اللّٰهِ اَوْ تَاْتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً وَّهُمْ

ويا آهن ته الله جي عذاب جي ڇپ انهن جي مٿان ڪري، يا سندن بي خبريءَ جي حالت ۾ مٿن اوچتي قيامت اچي

لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٠٧﴾ قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِيْٓ اَدْعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ ۣ قف عَلٰى بَصِيْرَةٍ اَنَا وَ وقف النبي صلى الله عليه وسلم

وڃي؟ ﴿١٠٧﴾ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ ته منهنجي واٽ اها ئي آهي. آءٌ يقين ۽ علم جي آڌار تي (ماڻهن کي) الله ڏانهن

مَنِ اتَّبَعَنِيْ ؕ وَسُبْحٰنَ اللّٰهِ وَمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٠٨﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا

سڏيان ٿو، آءٌ به ۽ منهنجي پيروي ڪندڙ به ۽ الله (هر عيب کان) پاڪ آهي ۽ آءٌ مشرڪن مان نه آهيان ﴿١٠٨﴾ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!)

مِنْ قَبْلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ مِّنْ اَهْلِ الْقُرٰى ؕ اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا

اسان توکان اڳ ڳوٺن وارن مان جيڪي به پيغمبرَ موڪليا، اهي (عورتن مان نه پر) مردن مان هئا، جن ڏانهن وحي ڪندا

فِی الۡاَرۡضِ فَیَنۡظُرُوۡا کَیۡفَ کَانَ عَاقِبَۃُ الَّذِیۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ وَلَدَارُ

آهيون. ڇا پوءِ زمين ۾ گهمي ڦري نٿا ڏسن ته انهن کان اڳ (پيغمبرن کي ڪوڙو ڪندڙن) جي پڇاڙي ڪيئن ٿي ۽ يقيناً

الۡاٰخِرَۃِ خَیۡرٌ لِّلَّذِیۡنَ اتَّقَوۡا ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۰۹﴾ حَتّٰۤی اِذَا اسۡتَیۡـَٔسَ الرُّسُلُ

(دنيا جي پيٽ ۾) آخرت جو گهر (يعني بهشت) انهن ماڻهن لاءِ چڱو آهي، جيڪي (شرڪ کان) بچن ٿا، ڇا پوءِ عقل
کان ڪم نٿا وٺو؟ (جو ايمان آڻيو) ﴿۱۰۹﴾ تانجو جڏهن پيغمبر (پنهنجين قومن جي ايمان آڻڻ کان) نااميد ٿي ويا ۽ (سندن

وَظَنُّوۡۤا اَنَّهُمۡ قَدۡ کُذِبُوۡا جَآءَهُمۡ نَصۡرُنَا ۙ فَنُجِّیَ مَنۡ نَّشَآءُ ؕ وَلَا

قومن) ڀانيو ته انهن (يعني رسولن) کي ڪوڙو ڪيو ويو آهي ته وٽن اسان جي مدد پهتي، پوءِ جنهن کي اسان گهريو،

یُرَدُّ بَاۡسُنَا عَنِ الۡقَوۡمِ الۡمُجۡرِمِیۡنَ ﴿۱۱۰﴾ لَقَدۡ کَانَ فِیۡ قَصَصِهِمۡ عِبۡرَۃٌ

تنهن کي نجات ڏني وئي ۽ ڏوهاري (يعني ڪافر) قوم تان اسان جي عذاب کي روڪيو نه ويندو آهي ﴿۱۱۰﴾ بيشڪ سندن

لِّاُولِی الۡاَلۡبَابِ ؕ مَا کَانَ حَدِیۡثًا یُّفۡتَرٰی وَلٰکِنۡ تَصۡدِیۡقَ الَّذِیۡ بَیۡنَ

قصن ۾ عقلمندن لاءِ يقينًا عبرت آهي. (هيءُ قرآن هٿ ٺوڪي ۽) ٻهتان واري ڳالهه نه آهي، پر پاڻ کان اڳين (ڪتابن

ع ١٢ ٦ یَدَیۡهِ وَتَفۡصِیۡلَ کُلِّ شَیۡءٍ وَّهُدًی وَّرَحۡمَۃً لِّقَوۡمٍ یُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۱۱﴾

توريت وغيره) جي سچائي بيان ڪندڙ ۽ هر شيءِ کي کولي بيان ڪندڙ ۽ مؤمنن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي ﴿۱۱۱﴾

اٰیَاتُهَا ٤٣ (١٣) سُوۡرَۃُ الرَّعۡدِ مَدَنِیَّۃٌ (٩٦) رُکُوۡعَاتُهَا ٦

سورة الرعد مدني آهي ۽ ان ۾ ٽيتاليهه آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ۝

شروع ڪريان ٿو الله جي نالي سان جيڪو بخشيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

الٓـمّٓـرٰ ۚ تِلۡکَ اٰیٰتُ الۡکِتٰبِ ؕ وَالَّذِیۡۤ اُنۡزِلَ اِلَیۡکَ مِنۡ رَّبِّکَ الۡحَقُّ

الٓـمّٓـرٰ. آءٌ ٿي خدا آهيان جو ڏسان ٿو ۽ ڄاڻان ٿو. اهي ڪتاب (قرآن) جون آيتون آهن ۽ تنهنجي ربّ جي طرفان توڏانهن

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ ① اَللّٰهُ الَّذِيْ رَفَعَ السَّمٰوٰتِ بِغَيْرِ

جيڪي ڪجهه لاٿو ويو آهي، سو حقّ آهي ۽ پر گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين ① اهو الله ئي آهي، جنهن آسمانن کي ٿنڀ کان

عَمَدٍ تَرَوْنَهَا ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ؕ

سواءِ بلند ڪيو، جنهن کي ڏسو ٿا. پوءِ عرش تي قائم ٿيو ۽ سج ۽ چنڊ کي تابع ڪيائين. هر هڪ (الله جي علم مطابق) مقرر

كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ يُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ

ڪيل مدّت (يعني قيامت) تائين هلي رهيو آهي. الله ئي ڪمن جو انتظام فرمائي ٿو ۽ پنهنجين آيتن کي تفصيل سان

بِلِقَآءِ رَبِّكُمْ تُوْقِنُوْنَ ② وَهُوَ الَّذِيْ مَدَّ الْاَرْضَ وَجَعَلَ فِيْهَا

بيان ڪري ٿو ته مَنَ توهان پنهنجي ربّ جي ملاقات جو يقين ڪريو ② اهو الله ئي آهي، جنهن زمين کي وڇايو ۽ منجهس

رَوَاسِيَ وَاَنْهٰرًا ؕ وَمِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ جَعَلَ فِيْهَا زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ

جبل کوڙيائين ۽ درياءَ وهايائين ۽ هر قسم جي ميون جا ٻه قسم (مٺا ۽ کٽا) پيدا ڪيائين، رات کي ڏينهن سان (۽ ڏينهن کي

يُغْشِي الَّيْلَ النَّهَارَ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ③

رات سان) ڍڪي ٿو. بيشڪ (سڀني انهيءَ ڪاريگريءَ ۾) سوچ ويچار کان ڪم وٺندڙن لاءِ يقينًا نشانيون آهن ③

وَفِي الْاَرْضِ قِطَعٌ مُّتَجٰوِرٰتٌ وَّجَنّٰتٌ مِّنْ اَعْنَابٍ وَّزَرْعٌ

۽ زمين جا هڪ ٻئي سان لڳولڳ ڪيترا قسم آهن ۽ انگورن جا باغ ۽ پوکون ۽ کجيون آهن ۽ انهن مان ڪي وڻ گهاٽا آهن ۽

وَّنَخِيْلٌ صِنْوَانٌ وَّغَيْرُ صِنْوَانٍ يُّسْقٰى بِمَآءٍ وَّاحِدٍ ۟ وَنُفَضِّلُ

ڪي وڻ گهاٽا نه آهن. سڀني کي هڪ ئي پاڻي پياريو وڃي ٿو ۽ انهن مان هڪڙن کي ٻين کان ميون ۾ وڌايون ٿا (جو ڪي

بَعْضَهَا عَلٰى بَعْضٍ فِي الْاُكُلِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ

مٺا ته ڪي کٽا ۽ ڪي سٺا ته ڪي خراب هوندا آهن.) بيشڪ ان ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي عقل کان ڪم

يَعْقِلُوْنَ ٤ وَاِنْ تَعْجَبْ فَعَجَبٌ قَوْلُهُمْ ءَاِذَا كُنَّا تُرٰبًا ءَاِنَّا

وٺن ٿا ٤ ۽ جيڪڏهن (بت پرستن جي انڪار تي) تعجب ڪرين تہ سندن هيءُ چوڻ (وڏيڪ) عجب جوڳو آهي تہ ڇا

لَفِيْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ۬ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ ۚ وَاُولٰٓئِكَ

جڏهن مري مٽي ٿي ويندا سون، پوءِ بہ اسان کي نئين سر جياريو ويندو؟ اهي ئي ماڻهو آهن، جن پنهنجي ربّ جو ڪفر

الْاَغْلٰلُ فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ ۚ وَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ٥

ڪيو ۽ اهي ئي ماڻهو آهن، جن جي ڳچين ۾ ڳٽ هوندا ۽ اهي ئي ماڻهو دوزخي آهن، منجهس سدائين رهندڙ آهن ٥ ۽

وَيَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالسَّيِّئَةِ قَبْلَ الْحَسَنَةِ وَقَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمُ

تو کان ڀلائيءَ کان اڳ (يعني مهلت جي بجاءِ) برائي (يعني عذاب) لاءِ جلدي ڪن ٿا ۽ انهن کان اڳ (ڪوڙو ڪندڙ امتن

الْمَثُلٰتُ ؕ وَاِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ مَغْفِرَةٍ لِّلنَّاسِ عَلٰى ظُلْمِهِمْ ۚ وَاِنَّ

جي مٿان عذابن جا) مثال گذري چڪا آهن ۽ بيشڪ تنهنجو ربّ ماڻهن لاءِ سندن ظلم جي باوجود بخشڻهار آهي ۽

رَبَّكَ لَشَدِيْدُ الْعِقَابِ ٦ وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ

بيشڪ تنهنجو ربّ سخت عذاب ڪندڙ آهي ٦ ۽ جن ڪفر ڪيو، سي چون ٿا تہ (حضرت محمد ﷺ) تي سندس ربّ جي پاران

ع اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ اِنَّمَآ اَنْتَ مُنْذِرٌ وَّلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ ٧ اَللّٰهُ يَعْلَمُ

نشاني ڇو نہ ٿي لاٿي وڃي؟ (اي مُحَمَّد ﷺ!) بيشڪ تون ڊيڄاريندڙ آهين ۽ هر قوم لاءِ هڪ هدايت ڪندڙ آهي ٧ هر عورت

مَا تَحْمِلُ كُلُّ اُنْثٰى وَمَا تَغِيْضُ الْاَرْحَامُ وَمَا تَزْدَادُ ؕ وَكُلُّ شَيْءٍ

(پنهنجي پيٽ ۾) جيڪو ٻار کڻي ٿي ۽ رحم (حمل جي) جيڪا مدت گهٽائين ٿا ۽ جيڪا وڌائين ٿا، سڀ الله ڄاڻي ٿو ۽ وٽس

عِنْدَهٗ بِمِقْدَارٍ ٨ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْكَبِيْرُ الْمُتَعَالِ ٩ سَوَآءٌ

هر شيءِ اندازي سان آهي ٨ ڳجهہ ۽ ظاهر کي ڄاڻندڙ، وڏو مٿانهون (۽ مشرڪن جي غلط نسبتن کان پاڪ) آهي ٩

سَوَآءٌ مِّنۡكُمۡ مَّنۡ اَسَرَّ الۡقَوۡلَ وَمَنۡ جَهَرَ بِهٖ وَمَنۡ هُوَ مُسۡتَخۡفٍۭ بِالَّيۡلِ

توهان مان جو هوريان ڳالهائي ٿو ۽ جو ڏاڍيان ڳالهائي ٿو ۽ جو رات جو لڪي ٿو ۽ جو ڏينهن جي روشنيءَ ۾ هلي ٿو،

وَسَارِبٌۢ بِالنَّهَارِ ﴿١٠﴾ لَهٗ مُعَقِّبٰتٌ مِّنۡۢ بَيۡنِ يَدَيۡهِ وَمِنۡ خَلۡفِهٖ

(الله جي علم ۾ سڀ) برابر آهن ﴿١٠﴾ سندس اڳيان ۽ سندس پويان الله جا (فرشتا مقرر) آهن، جيڪي الله جي حڪم

يَحۡفَظُوۡنَهٗ مِنۡ اَمۡرِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوۡمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوۡا

سان سندس حفاظت ڪن ٿا. بيشڪ الله ڪنهن قوم (تي ڪيل پنهنجي نعمت) کي نٿو بدلائي، تانجو اهي پاڻ کي

مَا بِاَنۡفُسِهِمۡ ؕ وَاِذَاۤ اَرَادَ اللّٰهُ بِقَوۡمٍ سُوۡٓءًا فَلَا مَرَدَّ لَهٗ ۚ وَمَا لَهُمۡ

بدلائين (يعني جيستائين اهي نافرماني ڇڏي، فرمانبرداري نٿا ڪن.) ۽ جڏهن الله ڪنهن قوم سان برائيءَ جو ارادو

مِّنۡ دُوۡنِهٖ مِنۡ وَّالٍ ﴿١١﴾ هُوَ الَّذِىۡ يُرِيۡكُمُ الۡبَرۡقَ خَوۡفًا وَّطَمَعًا وَّ

ڪندو آهي ته ان کي ڪو ٽارڻ وارو نه هوندو آهي ۽ نه ان کان سواءِ سندن ڪو مددگار آهي ﴿١١﴾ اهو (الله) ئي آهي، جيڪو توهان

کي وڄ ڏيکاري ٿو (مسافرن لاءِ) خوف جو سبب ڪري ۽ (مقيمن لاءِ) طمع جو سبب ڪري ۽ (پاڻيءَ سان ڀريل) ڳورن

يُنۡشِئُ السَّحَابَ الثِّقَالَ ﴿١٢﴾ ۚ وَيُسَبِّحُ الرَّعۡدُ بِحَمۡدِهٖ وَالۡمَلٰٓئِكَةُ مِنۡ

ڪڪرن کي پيدا ڪري ٿو ﴿١٢﴾ ۽ (ڳجگوڙ ڪندڙ ڪڪريا) رعد ۽ فرشتا خوف وچان، سندس ساراهه سان، سندس تسبيح ڪن

خِيۡفَتِهٖ ۚ وَيُرۡسِلُ الصَّوَاعِقَ فَيُصِيۡبُ بِهَا مَنۡ يَّشَآءُ وَهُمۡ يُجَادِلُوۡنَ

ٿا ۽ بجلين کي موڪلي ٿو، پوءِ جنهن تي گهري ٿو، ان تي اها اڇلائي ٿو ۽ ڪافر الله جي باري ۾ جهڳڙو ڪن ٿا ۽ الله

فِى اللّٰهِ ۚ وَهُوَ شَدِيۡدُ الۡمِحَالِ ﴿١٣﴾ ؕ لَهٗ دَعۡوَةُ الۡحَقِّ ؕ وَالَّذِيۡنَ

سخت سزا ڏيندڙ ۽ وڏي قوت وارو آهي ﴿١٣﴾ (مخلوق لاءِ لا الـٰه الا الله چوڻ ۽) ان کي پڪارڻ برحقّ آهي ۽ ڪافر الله کان

يَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِهٖ لَا يَسۡتَجِيۡبُوۡنَ لَهُمۡ بِشَىۡءٍ اِلَّا كَبَاسِطِ كَفَّيۡهِ

سواءِ جن کي سڏين ٿا، سي ڪين ڪو جواب نٿا ڏين، مگر ان شخص وانگر جيڪو پنهنجا ٻئي هٿ پاڻيءَ ڏانهن پکيڙي

اِلَى الۡمَآءِ لِيَبۡلُغَ فَاهُ وَمَا هُوَ بِبَالِغِهٖ ؕ وَمَا دُعَآءُ الۡكٰفِرِيۡنَ اِلَّا فِىۡ

(اشارو ڪري) جيئن پاڻي سندس منهن تائين پهچي ۽ اهو سندس منهن تائين پهچندڙ نه آهي ۽ ڪافرن جو پڪارڻ رڳو

ضَلٰلٍ ﴿۱۴﴾ وَلِلّٰهِ يَسۡجُدُ مَنۡ فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ طَوۡعًا وَّكَرۡهًا

باطل ۽ گمراهي آهي ﴿۱۴﴾ ۽ زمين ۽ آسمانن ۾ جيڪا به مخلوق آهي، سڀ خوشيءَ ۽ ناخوشيءَ سان الله کي سجدو ڪري

وَّظِلٰلُهُمۡ بِالۡغُدُوِّ وَالۡاٰصَالِ ﴿۱۵﴾ السجدة قُلۡ مَنۡ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ

ٿي ۽ سندن پاڇا به صبح ۽ شام (الله کي سجدو ڪن ٿا.) ﴿۱۵﴾ (اي پيغمبر ﷺ!) فرماءِ ته آسمانن ۽ زمين جو ربّ ڪير آهي؟

قُلِ اللّٰهُ ؕ قُلۡ اَفَاتَّخَذۡتُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ لَا يَمۡلِكُوۡنَ لِاَنۡفُسِهِمۡ

فرماءِ ته الله آهي. فرماءِ ته ڇا توهان الله کان سواءِ ڪي مددگار ورتا آهن، جيڪي پاڻ کي به نڪو نفعو پهچائي سگهن ٿا

نَفۡعًا وَّلَا ضَرًّا ؕ قُلۡ هَلۡ يَسۡتَوِى الۡاَعۡمٰى وَالۡبَصِيۡرُ ۙ اَمۡ هَلۡ تَسۡتَوِى

۽ نڪو نقصان (پهچائي سگهن ٿا. اي پيغمبر ﷺ!) فرماءِ ته ڇا انڌو ۽ سڄو برابر هوندا آهن؟ يا ڇا اونده ۽ سوجهرو برابر

الظُّلُمٰتُ وَالنُّوۡرُ ۚ اَمۡ جَعَلُوۡا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ خَلَقُوۡا كَخَلۡقِهٖ فَتَشَابَهَ

هوندا آهن؟ يا الله لاءِ شريڪ مقرر ڪيا اٿن، جن الله جي مخلوق وانگر ڪا مخلوق خلقي آهي، پوءِ (اها) مخلوق مٿن

الۡخَلۡقُ عَلَيۡهِمۡ ؕ قُلِ اللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَىۡءٍ وَّهُوَ الۡوَاحِدُ الۡقَهَّارُ ﴿۱۶﴾

هڪجهڙي ٿي پئي آهي؟ فرماءِ ته الله ئي هر شيءِ جو پيدا ڪندڙ آهي، ۽ اهو ئي اڪيلو، غالب (۽ زبردست) آهي ﴿۱۶﴾

اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتۡ اَوۡدِيَةٌ ۢ بِقَدَرِهَا فَاحۡتَمَلَ السَّيۡلُ زَبَدًا

(اهو الله جيڪو) آسمان تان پاڻي لاهي ٿو. پوءِ نديون پاڻيءَ سان پرجي پنهنجي اندازي سان وهن ٿيون. پوءِ چڙ

رَّابِيًا ؕ وَمِمَّا يُوۡقِدُوۡنَ عَلَيۡهِ فِى النَّارِ ابۡتِغَآءَ حِلۡيَةٍ اَوۡ مَتَاعٍ

اڀامندڙ گجيءَ کي کڻي ٿي ۽ زيور يا ٻيو سامان ناهڻ لاءِ جيڪا شيءِ باهه ۾ ڳارين ٿا، ان ۾ به پاڻيءَ (جي گجيءَ)

السجدة ٢

زَبَدٌ مِّثۡلُهٗ ؕ كَذٰلِكَ يَضۡرِبُ اللّٰهُ الۡحَقَّ وَالۡبَاطِلَ ۬ؕ فَاَمَّا الزَّبَدُ

وانگر گجي هوندي آهي. اهڙيءَ طرح الله حق ۽ باطل (کري ۽ کوٽي) جو مثال بيان ڪري ٿو. باقي رهي گجي ته اها

فَيَذۡهَبُ جُفَآءً ۚ وَاَمَّا مَا يَنۡفَعُ النَّاسَ فَيَمۡكُثُ فِى الۡاَرۡضِ ؕ كَذٰلِكَ

(سڪي) ويندي آهي ۽ جيڪا شيءِ ماڻهن کي نفعو ڏيندي آهي، سا زمين ۾ باقي رهندي آهي. اهڙيءَ طرح الله مثالَ

وقف النبي صلى الله عليه وسلم

يَضۡرِبُ اللّٰهُ الۡاَمۡثَالَ ؕ ﴿١٧﴾ لِلَّذِيۡنَ اسۡتَجَابُوۡا لِرَبِّهِمُ الۡحُسۡنٰى ؕ

بيان ڪري ٿو ﴿١٧﴾ جن ماڻهن پنهنجي ربّ جي حڪم کي قبول ڪيو، تن لاءِ ڀلائي (يعني جنت) آهي ۽ جن سندس

وَالَّذِيۡنَ لَمۡ يَسۡتَجِيۡبُوۡا لَهٗ لَوۡ اَنَّ لَهُمۡ مَّا فِى الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا وَّمِثۡلَهٗ

حڪم کي قبول نه ڪيو، تن وٽ جيڪڏهن اهي سڀ شيون هجن، جيڪي زمين ۾ آهن ۽ ان سان گڏ اهڙيون ٻيون به هجن

مَعَهٗ لَافۡتَدَوۡا بِهٖ ؕ اُولٰۤٮِٕكَ لَهُمۡ سُوۡۤءُ الۡحِسَابِ ۙ۬ وَمَاۡوٰٮهُمۡ جَهَنَّمُ ؕ

ته اهي سڀ به (عذاب کان بچڻ لاءِ) بدلي ۾ ڏيندا. انهن جو برو حساب ٿيندو ۽ سندن موٽڻ جي جاءِ دوزخ آهي ۽ اها رهڻ

وَبِئۡسَ الۡمِهَادُ ﴿١٨﴾ ع اَفَمَنۡ يَّعۡلَمُ اَنَّمَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ مِنۡ رَّبِّكَ الۡحَقُّ

ع ٨/١٠ النصف

جي ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ﴿١٨﴾ ڇا پوءِ جيڪو شخص ڄاڻي ٿو ته جو ڪجهه تو ڏانهن تنهنجي ربّ جي طرفان لاٿو ويو آهي،

كَمَنۡ هُوَ اَعۡمٰى ؕ اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوا الۡاَلۡبَابِ ۙ ﴿١٩﴾ الَّذِيۡنَ يُوۡفُوۡنَ بِعَهۡدِ

سو برحقّ آهي، ڇا اهو ان شخص وانگر آهي، جيڪو انڌو آهي؟ دراصل نصيحت ته عقلمند ئي وٺن ٿا ﴿١٩﴾ (يعني) جيڪي

اللّٰهِ وَلَا يَنۡقُضُوۡنَ الۡمِيۡثَاقَ ۙ ﴿٢٠﴾ وَالَّذِيۡنَ يَصِلُوۡنَ مَاۤ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖۤ اَنۡ

الله جي عهد کي پورو ڪن ٿا ۽ وعدي جي ڀڃڪڙي نٿا ڪن ﴿٢٠﴾ ۽ جيڪي الله جي حڪم مطابق (مٽي مائٽيءَ) کي ڳنڍين

يُّوۡصَلَ وَيَخۡشَوۡنَ رَبَّهُمۡ وَيَخَافُوۡنَ سُوۡۤءَ الۡحِسَابِ ؕ ﴿٢١﴾ وَالَّذِيۡنَ صَبَرُوا

ٿا (۽ سڀني رسولن تي ايمان رکن ٿا) ۽ پنهنجي ربّ کان ڊڄن ٿا ۽ حساب جي سختيءَ کان ڊڄن ٿا ﴿٢١﴾ ۽ جن پنهنجي ربّ

ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِمْ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّ

جي رضا طلبيءَ لاءِ (دين اسلام ۾ ان جي حڪمن تي) صبر ڪيو ۽ نماز قائم ڪيائون ۽ اسان جيڪو (مال) ڪين ڏنو آهي،

عَلَانِيَةً وَّيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٢﴾

تنهن مان ڳجهه ۽ ظاهر ۾ خرچ ڪن ٿا ۽ برائيءَ کي ڀلائي (۽ توبه) سان ٽارين ٿا، اهڙن ئي ماڻهن لاءِ آخرت جو گهر

جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا وَمَنْ صَلَحَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَاَزْوَاجِهِمْ وَ

آهي ﴿٢٢﴾ (يعني) بهشت جا هميشه قائم رهندڙ باغ آهن، جن ۾ پاڻ به ۽ سندن نيڪ ماءُ پيءُ ۽ سندن گهر وارا ۽ سندن

ذُرِّيّٰتِهِمْ وَالْمَلٰٓئِكَةُ يَدْخُلُوْنَ عَلَيْهِمْ مِّنْ كُلِّ بَابٍ ﴿٢٣﴾ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ

اولاد به داخل ٿيندا ۽ مٿن هر دروازي کان فرشتا داخل ٿيندا رهندا ﴿٢٣﴾ (ڪين چوندا ته) صبر ڪرڻ سبب توهان تي

بِمَا صَبَرْتُمْ فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٤﴾ وَالَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ

سلامتي آهي، پوءِ اهو ڏاڍو چڱو گهر آهي ﴿٢٤﴾ ۽ جيڪي ماڻهو الله سان پختو وعدو ڪرڻ کان پوءِ ان کي

مِيْثَاقِهٖ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيُفْسِدُوْنَ فِي

ٽوڙين ٿا ۽ الله تعاليٰ (مٽي مائٽيءَ کي) ڳنڍڻ جو، جيڪو حڪم فرمايو آهي، تنهن کي ڇنن ٿا ۽ زمين ۾ فساد

الْاَرْضِ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ ﴿٢٥﴾ اَللّٰهُ يَبْسُطُ

ڪن ٿا، انهن تي ئي لعنت آهي ۽ انهن لاءِ ڏاڍو بڇڙو گهر آهي ﴿٢٥﴾ الله جنهن جي گهري تو روزي ڪشادي

الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ وَفَرِحُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَمَا

ڪري ٿو ۽ (جنهن جي گهري ٿو روزي) تنگ ڪري ٿو ۽ اهي (مشرڪ) دنياوي زندگيءَ (۽ مال ملڪيت) تي خوش ٿين ٿا ۽

ع ٣ ٨ ٩ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا مَتَاعٌ ﴿٢٦﴾ وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْلَآ

دنياوي زندگي آخرت جي ڀيٽ ۾ رڳو ٿورو سامان آهي ﴿٢٦﴾ ۽ ڪافر چون ٿا ته (حضرت محمد ﷺ) تي سندس ربّ جي

اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۭ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ يُضِلُّ مَنْ يَّشَاۗءُ وَيَهْدِيْٓ

طرفان ڪا نشاني ڇو نہ لاٿي وئي؟ فرماءِ تہ بيشڪ الله جنهن کي گھرندو آهي، گمراه ڪندو آهي ۽ هدايت ان کي ڏيندو

اِلَيْهِ مَنْ اَنَابَ ۝٢٧ۖ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَطْمَىِٕنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ ۭ

آهي، جيڪو (دين ڏانهن) رجوع ڪندو آهي ﴿٢٧﴾ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ سندن دليون الله جي ياد سان مطمئن ٿين ٿيون.

اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىِٕنُّ الْقُلُوْبُ ۝٢٨ۭ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

ٻڌو! الله جي ذڪر سان ئي (مؤمنن جون) دليون آرام وٺن ٿيون ﴿٢٨﴾ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، تن لاءِ

الصّٰلِحٰتِ طُوْبٰى لَهُمْ وَحُسْنُ مَاٰبٍ ۝٢٩ كَذٰلِكَ اَرْسَلْنٰكَ فِيْٓ اُمَّةٍ قَدْ

خوشخبري آهي ۽ سندن موٽڻ لاءِ سهڻي جاءِ (يا طوبيٰ جو وڻ) آهي ﴿٢٩﴾ اهڙيءَ طرح (اي محمد ﷺ!) اسان تو کي هڪڙي

خَلَتْ مِنْ قَبْلِهَآ اُمَمٌ لِّتَتْلُوَا۟ عَلَيْهِمُ الَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَهُمْ

امّت ڏانهن رسول ڪري موڪليو. ان کان اڳ بہ امّتون گذري چڪيون آهن، جيئن کين (قرآن) پڙهي ٻڌائين، جيڪو اسان

يَكْفُرُوْنَ بِالرَّحْمٰنِ ۭ قُلْ هُوَ رَبِّيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ

تو ڏانهن وحي ڪيو آهي ۽ اهي رحمٰن جو انڪار ڪن ٿا. فرماءِ تہ اهو ئي منهنجو ربّ آهي، ان کان سواءِ ڪو معبود نہ

وَاِلَيْهِ مَتَابِ ۝٣٠ وَلَوْ اَنَّ قُرْاٰنًا سُيِّرَتْ بِهِ الْجِبَالُ اَوْ قُطِّعَتْ

آهي. مون مٿس ڀروسو ڪيو ۽ ان ڏانهن ئي منهنجو موٽڻ آهي ﴿٣٠﴾ ۽ جيڪڏهن قرآن (جي پڙهڻ) سان جبلن کي

بِهِ الْاَرْضُ اَوْ كُلِّمَ بِهِ الْمَوْتٰى ۭ بَلْ لِّلّٰهِ الْاَمْرُ جَمِيْعًا ۭ اَفَلَمْ يَايْـــَٔسِ

هلائجي ها ۽ ان سان زمين کي چيري (چشمن مان پاڻي جاري ڪجي ها) ۽ ان جي ذريعي مُئا ڳالهائين ها (تہ اهو هي ئي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ لَّوْ يَشَاۗءُ اللّٰهُ لَهَدَى النَّاسَ جَمِيْعًا ۭ وَلَا

ئي قرآن هجي ها ۽ پوءِ بہ ڪافر ايمان نہ آڻين ها)، بلڪ سڀ ڪم الله جي وس ۾ آهن. ڇا پوءِ جن ايمان آندو، اهي

يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا تُصِيْبُهُمْ بِمَا صَنَعُوْا قَارِعَةٌ اَوْ تَحُلُّ قَرِيْبًا مِّنْ دَارِهِمْ

مايوس نٿا ٿين تہ جيڪڏهن الله گهري تہ سڀني انسانن کي هدايت عطا ڪري ۽ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) ڪافرن تي سندن (ڪفر، بُراين ۽ بڇڙن)
ڪرتوتن جي شامت سبب ڪا نہ ڪا مصيبت سدائين ايندي رهندي، يا سندن گهرن جي ويجهو واقع ٿيندي رهندي، تانجو الله جو وعدو

حَتّٰى يَاْتِيَ وَعْدُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ﴿٣١﴾ ع وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ ع ٥ ١٠

(يعني فتح مڪه يا قيامت) اچي. بيشڪ الله وعدي جي خلاف نہ ڪندو آهي ﴿٣١﴾ ۽ بيشڪ تو کان اڳ ڪيترن رسولن سان

مِّنْ قَبْلِكَ فَاَمْلَيْتُ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا ثُمَّ اَخَذْتُهُمْ ۫ قف فَكَيْفَ كَانَ عِقَابِ ﴿٣٢﴾

ٺٺوليون ڪيون ويون، پوءِ مون ڪافرن کي مهلت ڏني، پوءِ مون کين پڪڙيو. پوءِ (ڏس تہ) منهنجي سزا ڪيئن هئي ﴿٣٢﴾

اَفَمَنْ هُوَ قَآئِمٌ عَلٰى كُلِّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ ۚ وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ ؕ قُلْ سَمُّوْهُمْ ؕ اَمْ

ڇا پوءِ (الله)، جيڪو هر شخص جي ڪمن تي نگهبان آهي (سو مشرڪن جي معبودن وانگر آهي، جن ۾ اهڙي ڪا صفت

تُنَبِّئُوْنَهٗ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي الْاَرْضِ اَمْ بِظَاهِرٍ مِّنَ الْقَوْلِ ؕ بَلْ زُيِّنَ

نہ آهي؟) ۽ انهن الله جا ڪي شريڪ ٺهرايا آهن. فرماءِ تہ سندن نالا ٻڌايو، يا توهين الله کي انهن (شين) جي خبر ڏيو

لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مَكْرُهُمْ وَصُدُّوْا عَنِ السَّبِيْلِ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ

ٿا، جن کي زمين ۾ ڪٿي نٿو ڄاڻي يا ظاهر ظهور (باطل) ڳالهہ (ڇئو ٿا؟) بلڪ ڪافرن لاءِ سندن مڪر کي سينگاريو ويو

مِنْ هَادٍ ﴿٣٣﴾ لَهُمْ عَذَابٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَشَقُّ ۚ

آهي ۽ کين (سڌي) واٽ کان روڪيو ويو آهي ۽ جنهن کي الله گمراه ڪري، تنهن کي ڪو هدايت ڏيندڙ نہ آهي ﴿٣٣﴾ سندن
لاءِ دنياوي زندگيءَ ۾ (قتل ۽ قيد جو) عذاب آهي ۽ آخرت جو عذاب يقيناً وڌيڪ سخت آهي ۽ کين ڪو الله (جي عذاب)

وَمَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ ﴿٣٤﴾ مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِيْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ؕ

کان بچائيندڙ نہ آهي ﴿٣٤﴾ جنهن جنت جو پرهيزگارن سان وعدو ڪيو ويو آهي، ان جي صفت هيءَ آهي تہ

تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ اُكُلُهَا دَآئِمٌ وَّظِلُّهَا ؕ تِلْكَ عُقْبَى الَّذِيْنَ اتَّقَوْا ۖ قلے

ان جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن، جنهن جا ميوا ۽ ڇانو دائمي آهن. اها (شرڪ کان) بچندڙن جي پڇاڙي آهي

وَّعُقۡبَى الۡكٰفِرِيۡنَ النَّارُ ﴿۳۵﴾ وَ الَّذِيۡنَ اٰتَيۡنٰهُمُ الۡكِتٰبَ يَفۡرَحُوۡنَ بِمَاۤ

۽ ڪافرن جي پڇاڙي باھ آھي ﴿۳۵﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!) جن ماڻھن کي اسان ڪتاب ڏنو آھي، اھي تو تي لاٿل (قرآن) جي ڪري

اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ وَمِنَ الۡاَحۡزَابِ مَنۡ يُّنۡكِرُ بَعۡضَهٗ ؕ قُلۡ اِنَّمَاۤ اُمِرۡتُ اَنۡ

خوش ٿين ٿا ۽ (ڪافر) جماعتن مان ڪي ان جي بعض ڳالھين جو انڪار ڪن ٿا. فرماءِ تہ بيشڪ مون کي حڪم آھي تہ الله

اَعۡبُدَ اللّٰهَ وَلَاۤ اُشۡرِكَ بِهٖ ؕ اِلَيۡهِ اَدۡعُوۡا وَ اِلَيۡهِ مَاٰبِ ﴿۳۶﴾ وَكَذٰلِكَ

جي عبادت ڪريان ۽ ساڻس ڪنھن کي شريڪ نہ ڪريان. آءٌ الله ڏانھن سڏيان ٿو ۽ ان ڏانھن منھنجو موٽڻ آھي ﴿۳۶﴾ ۽

اَنۡزَلۡنٰهُ حُكۡمًا عَرَبِيًّا ؕ وَلَـئِنِ اتَّبَعۡتَ اَهۡوَآءَهُمۡ بَعۡدَ مَا جَآءَكَ

اھڙيءَ طرح اسان ھن (قرآن) کي عربي حڪم ڪري لاٿو آھي ۽ جيڪڏھن پاڻ وٽ علم جي اچڻ کان پوءِ بہ سندن

مِنَ الۡعِلۡمِ ۙ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنۡ وَّلِىٍّ وَّلَا وَاقٍ ﴿۳۷﴾ ع وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا ع ٦ ١١

خواھشن جي پيروي ڪندين تہ الله جي مقابلي ۾ نہ تنھنجو ڪو مددگار ھوندو ۽ نہ تو کي ڪو بچائڻ وارو ھوندو ﴿۳۷﴾ ۽ بيشڪ

رُسُلًا مِّنۡ قَبۡلِكَ وَجَعَلۡنَا لَهُمۡ اَزۡوَاجًا وَّذُرِّيَّةً ؕ وَمَا كَانَ

اسان تو کان اڳ پيغمبر موڪليا ۽ کين گھر واريون ۽ اولاد بہ عطا ڪيوسون ۽ ڪنھن رسول کي نہ ٿو جڳائي تہ الله جي اجازت

لِرَسُوۡلٍ اَنۡ يَّاۡتِىَ بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذۡنِ اللّٰهِ ؕ لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ ﴿۳۸﴾

کان سواءِ ڪا نشاني (۽ معجزو) آڻي. ھر (شيءِ جو) اجل (يعني موت تقدير جي) ڪتاب ۾ آھي ﴿۳۸﴾

يَمۡحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيُثۡبِتُ ۖۚ وَعِنۡدَهٗۤ اُمُّ الۡكِتٰبِ ﴿۳۹﴾

الله جيڪي چاھي ٿو سو مِٽائي ٿو ۽ جيڪي چاھي ٿو تنھن کي باقي رکي ٿو ۽ وٽس ئي اصل ڪتاب آھي ﴿۳۹﴾

وَاِنۡ مَّا نُرِيَنَّكَ بَعۡضَ الَّذِىۡ نَعِدُهُمۡ اَوۡ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِنَّمَا

۽ (اي محمد ﷺ!) جيڪڏھن تو کي بعض اھي ڳالھيون ڏيکاريون، جن جو ساڻن وعدو ڪريون ٿا، يا تو کي ماريون تہ پوءِ

عَلَيْكَ الْبَلٰغُ وَ عَلَيْنَا الْحِسَابُ ﴿٤٠﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا نَاْتِى الْاَرْضَ

دراصل تو تي (پيغام جو) پهچائڻ آهي ۽ حساب وٺڻ اسان تي آهي ﴿٤٠﴾ يا (مشرڪ) نٿا ڏسن ته اسين زمين کي ان جي پاسن کان

نَنْقُصُهَا مِنْ اَطْرَافِهَا ؕ وَاللّٰهُ يَحْكُمُ لَا مُعَقِّبَ لِحُكْمِهٖ ؕ وَهُوَ

گهٽائيندا اچون ٿا (يعني محمد ﷺ ۽ سندن ساٿين کي فتح مٿان فتح ڏيندا اچون ٿا) ۽ حڪم الله جو ئي هلي ٿو، سندس

سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿٤١﴾ وَقَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلِلّٰهِ الْمَكْرُ

حڪم کي ڪو به روڪيندڙ نه آهي ۽ اهو جلد حساب وٺندڙ آهي ﴿٤١﴾ ۽ جيڪي ماڻهو انهن کان اڳ ۾ هئا، انهن به (پنهنجن رسولن

جَمِيْعًا ؕ يَعْلَمُ مَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ ؕ وَسَيَعْلَمُ الْكُفّٰرُ لِمَنْ عُقْبَى

جي خلاف) تدبير ڪئي، پوءِ (سندن) سڀني تدبيرن (جو نتيجو) الله وٽ ئي آهي (جو سندس ارادي کي ڪو روڪي نٿو سگهي.) هر
شخص جيڪي به ڪمائي ٿو، (الله تعاليٰ) تنهن کي ڄاڻي ٿو ۽ سگهوئي ڪافر ڄاڻندا ته آخرت جو گهر (يعني بهشت) ڪنهن لاءِ

الدَّارِ ﴿٤٢﴾ وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَسْتَ مُرْسَلًا ؕ قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا

آهي ﴿٤٢﴾ ۽ ڪافر چون ٿا ته تون موڪليل (رسول) نه آهين. (اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ ته منهنجي (رسالت) ۽ توهان جي درميان

بَيْنِىْ وَبَيْنَكُمْ ۙ وَمَنْ عِنْدَهٗ عِلْمُ الْكِتٰبِ ﴿٤٣﴾ ع

شاهدي ڏيندڙ الله ۽ اهو شخص (يعني عبدالله بن سلام رضي الله عنه) ڪافي آهي، جنهن وٽ ڪتاب جو علم آهي ﴿٤٣﴾

اٰيَاتُهَا ٥٢ (١٤) سُوْرَةُ اِبْرٰهِيْمَ مَكِّيَّةٌ (٧٢) رُكُوْعَاتُهَا ٧

سورة ابراهيم مڪي آهي ۽ ان ۾ ٻاونجاهه آيتون ۽ ست رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع ڪريان ٿو الله جي نالي سان، جيڪو دوست ۽ دشمن کي روزي ڏيندڙ ۽ پنهنجن پيارن تي رحم ڪندڙ آهي.

الٓرٰ ۟ كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۙ۬

الٓرٰ ئي خدا آهيان، جو ڏسان ٿو. هيءُ ڪتاب اسان تو ڏانهن لاٿو آهي ته جيئن ماڻهن کي سندن رب جي حڪم سان

بِاِذْنِ رَبِّهِمْ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ۙ﴿١﴾ اللّٰهِ الَّذِىْ لَهٗ

(ڪفر جي) اونداهين مان ڪڍي، غالب ساراهيل الله جي واٽ ڏانهن (يعني ايمان جي) نور ۾ آڻين ① انهيءَ الله

مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ وَوَيْلٌ لِّلْكٰفِرِيْنَ مِنْ عَذَابٍ

ڏانهن، جنهن لاءِ اهي سڀ شيون آهن، جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن ۽ سخت عذاب جي ڪري ڪافرن

شَدِيْدِ ۙ﴿٢﴾ الَّذِيْنَ يَسْتَحِبُّوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ

لاءِ خرابي آهي ② (اهي ڪافر) جيڪي آخرت جي مقابلي ۾ دنياوي زندگيءَ کي وڌيڪ پيارو رکن ٿا ۽

وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ؕ اُولٰٓئِكَ فِىْ

(ماڻهن کي) الله جي واٽ کان روڪين ٿا ۽ ان ۾ ڏنگائي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهي ئي ماڻهو ڏوراهين

ضَلٰلٍ بَعِيْدٍ ﴿٣﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوْمِهٖ

گمراهيءَ ۾ آهن ③ ۽ اسان جيڪو به رسول موڪليو آهي، ان کي سندس قوم جي ٻوليءَ ۾ موڪليو آهي، جيئن

لِيُبَيِّنَ لَهُمْ ؕ فَيُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِىْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَهُوَ

سندن لاءِ (شريعت ۽ حقّ کي) روشن ڪري (۽ ماڻهو پيغمبر کان دين سکن)، پوءِ جنهن کي الله چاهي ٿو ، تنهن کي

الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٤﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اَنْ اَخْرِجْ

گمراهه ڪري ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو تنهن کي هدايت جي توفيق ڏئي ٿو ۽ اهو ئي غالب ،حڪمت وارو آهي ④ ۽ بيشڪ اسان موسيٰ
(عَلَيْهِ السَّلَام) کي پنهنجين نشانين سان موڪليو (۽ فرمايوسون) تہ پنهنجي قوم کي (شرڪ جي) اونداهين مان (ايمان جي) نور ڏانهن

قَوْمَكَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۙ۬ وَذَكِّرْهُمْ بِاَيّٰىمِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ فِىْ

ڪڍ ۽ کين الله (جي نعمتن ۽ بدلي وارن) ڏينهن جي ياد ڏيار. بيشڪ ان ۾ (الله جي اطاعت تي) هر صبر ڪندڙ (۽ الله

ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿٥﴾ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهِ اذْكُرُوْا

جي نعمتن تي) شڪر ڪندڙ لاءِ نشانيون آهن ⑤ ۽ جڏهن موسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَام) پنهنجي قوم کي چيو تہ پاڻ تي الله جي

نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ اَنْجٰىكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ

نعمت کي ياد ڪريو، جڏهن توهان کي فرعون جي قوم کان نجات ڏنائين، جيڪي توهان کي سخت عذاب چکائيندا

سُوْٓءَ الْعَذَابِ وَ يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَ يَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ط

هئا ۽ توهان جي پٽن کي ڪُهندا هئا ۽ توهان جي ڌيئرن کي جيئرو ڇڏي ڏيندا هئا ۽ توهان جي انهيءَ (نجات)

وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿٦﴾ ع وَاِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكُمْ لَئِنْ شَكَرْتُمْ

۾ توهان جي ربّ طرفان توهان جي وڏي آزمائش هئي ﴿٦﴾ ۽ جڏهن توهان جي ربّ (توهان کي خبردار ڪندي چيو) ته

لَاَزِيْدَنَّكُمْ وَلَئِنْ كَفَرْتُمْ اِنَّ عَذَابِيْ لَشَدِيْدٌ ﴿٧﴾ وَقَالَ مُوْسٰٓى اِنْ

جيڪڏهن (منهنجي نعمت جو توحيد ۽ اطاعت سان) شڪر ڪندا ته ضرور توهان کي (نعمت ۾) وڌائيندس ۽ جيڪڏهن
(منهنجي نعمت جي) ناشڪري ڪندا ته پوءِ بيشڪ منهنجو عذاب ڏاڍو سخت آهي ﴿٧﴾ ۽ موسيٰ (عليه السلام) چيو ته جيڪڏهن

تَكْفُرُوْٓا اَنْتُمْ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ لَغَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿٨﴾

توهان ۽ اهي سڀ ماڻهو جيڪي زمين ۾ آهن، ڪافر ٿين، پوءِ به الله تعاليٰ بيشڪ بي پرواهه ساراهيل آهي ﴿٨﴾

اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ ۛ

ڇا توهان وٽ پاڻ کان اڳين قومن (يعني) قوم نوح ۽ قوم عاد ۽ قوم ثمود ۽ جيڪي انهن کان پوءِ هئا، انهن جون خبرون نه

وَالَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ۛ لَا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ ط جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ

آيون، جن (جي تعداد) کي الله کان سواءِ ڪو نٿو ڄاڻي. وٽن سندن رسولن پڌريون نشانيون آنديون. پوءِ (ڪاوڙ وچان)

بِالْبَيِّنٰتِ فَرَدُّوْٓا اَيْدِيَهُمْ فِيْٓ اَفْوَاهِهِمْ وَقَالُوْٓا اِنَّا كَفَرْنَا بِمَآ

انهن پنهنجا هٿ پنهنجن واتن ۾ وڌا ۽ چيائون ته جيڪو (پيغام) ڏئي توهان کي موڪليو ويو آهي، بيشڪ اسين ان جا

اُرْسِلْتُمْ بِهٖ وَاِنَّا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَنَآ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ﴿٩﴾ قَالَتْ الثلثة

انڪاري آهيون ۽ بيشڪ جنهن (دين ڏانهن) توهان اسان کي سڏيو ٿا، اسين ان جي باري ۾ شڪ ۾ مبتلا آهيون ﴿٩﴾ سندن

رُسُلُهُمْ اَفِي اللّٰهِ شَكٌّ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ يَدْعُوْكُمْ لِيَغْفِرَ

رسولن چيو ته ڇا آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪندڙ (الله جي هيڪڙائيءَ ۽ هستيءَ) جي باري ۾ (توهان) ڪنهن

لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرَكُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ قَالُوْٓا اِنْ اَنْتُمْ

شڪ ۾ آهيو؟ جيڪو توهان کي (پنهنجي اطاعت ڏانهن) سڏي ٿو ته جيئن توهان جا گناهه بخشي ۽ (سزا ڏيڻ

اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ؕ تُرِيْدُوْنَ اَنْ تَصُدُّوْنَا عَمَّا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا

جي بجاءِ) توهان کي مقرر مدّت تائين مهلت ڏي. (ڪافرن پنهنجن پيغمبرن کي) چيو ته توهان ته اسان جهڙا

فَاْتُوْنَا بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ⑩ قَالَتْ لَهُمْ رُسُلُهُمْ اِنْ نَّحْنُ اِلَّا بَشَرٌ

انسان آهيو. گهرو ٿا ته جن (بتن) جي پوڄا اسان جا ابا ڏاڏا ڪندا هئا، تن کان اسان کي روڪيو. پوءِ (جيڪڏهن توهان سچا آهيو
ته)، اسان وٽ روشن دليل آڻيو ⑩ ڪين سندن رسولن چيو ته اسين (واقعي) توهان جهڙا ئي انسان آهيون ۽ پر الله پنهنجن

مِّثْلُكُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَمُنُّ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَمَا كَانَ لَنَآ

ٻانهن مان جنهن تي چاهي ٿو (رسالت ۽ هدايت جو) انعام ۽ احسان فرمائي ٿو ۽ اسان کي نٿو جڳائي ته

اَنْ نَّاْتِيَكُمْ بِسُلْطٰنٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ⑪

توهان وٽ الله جي حڪم کان سواءِ ڪو دليل آڻيون ۽ مؤمنن کي الله تعالىٰ تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي ⑪

وَمَا لَنَآ اَلَّا نَتَوَكَّلَ عَلَى اللّٰهِ وَقَدْ هَدٰىنَا سُبُلَنَا ؕ وَلَنَصْبِرَنَّ عَلٰى

۽ اسان ڇو الله تي ڀروسو نه ڪريون ۽ ان اسان کي اسان (جي دين) جا سڌا رستا ڏيکاريا آهن ۽ جيڪي ايذاءَ توهان ڏيو

مَآ اٰذَيْتُمُوْنَا ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ⑫ ع وَقَالَ الَّذِيْنَ

ٿا، تنهن تي ضرور صبر ڪنداسون ۽ توڪل ڪندڙن کي الله تي ئي توڪل ڪرڻ گهرجي ⑫ ۽ ڪافرن پنهنجن رسولن کي

كَفَرُوْا لِرُسُلِهِمْ لَنُخْرِجَنَّكُمْ مِّنْ اَرْضِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ فَاَوْحٰٓى

چيو ته ضرور توهان کي پنهنجي سرزمين مان لوڌي ڪيدنداسون، يا توهان کي اسان جي مذهب ڏانهن موٽڻو پوندو. پوءِ

اِلَيْهِمْ رَبُّهُمْ لَنُهْلِكَنَّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٣﴾ وَلَنُسْكِنَنَّكُمُ الْاَرْضَ مِنْۢ

انهن ڏانهن سندن ربّ وحي ڪيو تہ ضرور ظالمن کي هلاڪ ڪنداسون ﴿١٣﴾ ۽ انهن کان پوءِ توهان کي زمين ۾ ضرور

بَعْدِهِمْ ۭ ذٰلِكَ لِمَنْ خَافَ مَقَامِيْ وَخَافَ وَعِيْدِ ﴿١٤﴾ وَاسْتَفْتَحُوْا

آباد ڪنداسون. اهو (وعدو) ان شخص لاءِ آهي، جيڪو (قيامت جي ڏينهن) منهنجي اڳيان بيهڻ کان ڊڄي ٿو ۽ منهنجي عذاب
جي وعدي جو خوف رکي ٿو ﴿١٤﴾ ۽ پوءِ انهن (پيغمبرن سڳورن) سوڀ جون دعائون گهريون (۽ ڪامياب ٿيا) ۽ هر وڏائي ڪندڙ

وَخَابَ كُلُّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿١٥﴾ مِّنْ وَّرَاۗىِٕهٖ جَهَنَّمُ وَيُسْقٰى مِنْ مَّاۗءٍ

هٺيلو شخص ناڪام ٿيو ﴿١٥﴾ ۽ ان جي پويان دوزخ آهي ۽ کيس پونءِ جو پاڻي (يعني دوزخين جي زخمن جو ڪاڙهو پياريو

صَدِيْدٍ ﴿١٦﴾ يَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا يَكَادُ يُسِيْغُهٗ وَيَاْتِيْهِ الْمَوْتُ مِنْ كُلِّ

ويندو ﴿١٦﴾ ان کي ڍُڪيتون ڍُڪي پيئندو ۽ سندس نڙيءَ مان هيٺ لهي نہ سگهندو ۽ وٽس هر طرف کان (تانجو جسم جي

مَكَانٍ وَّمَا هُوَ بِمَيِّتٍ ۭ وَمِنْ وَّرَاۗىِٕهٖ عَذَابٌ غَلِيْظٌ ﴿١٧﴾ مَثَلُ

وار وار مان بہ) موت (جو پيغام) ايندو، پر اهو مرڻ وارو نہ هوندو ۽ سندس پويان لڳاتار مصيبتن وارو عذاب آهي ﴿١٧﴾ جن

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ اَعْمَالُهُمْ كَرَمَادِ ۨاشْتَدَّتْ بِهِ الرِّيْحُ فِيْ

ماڻهن پنهنجي ربّ جو ڪفر ڪيو تن جي ڪرتوتن جو مثال انهيءَ ڏوڙ وانگر آهي، جنهن کي سخت طوفان واري ڏينهن ۾

يَوْمٍ عَاصِفٍ ۭ لَا يَقْدِرُوْنَ مِمَّا كَسَبُوْا عَلٰي شَيْءٍ ۭ ذٰلِكَ هُوَ

هوا جا جهٽڪا اڏاري ڇڏيندا آهن. انهن جيڪي ڪجهه ڪمايو، تنهن مان ڪنهن شيءِ (جي ثواب) تي قدرت نہ رکندا. اهائي

الضَّلٰلُ الْبَعِيْدُ ﴿١٨﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ۭ

(حقّ کان) ڏوراهين گمراهي آهي ﴿١٨﴾ ڇا نہ ڏٺئي تہ الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين کي حقّ سان پيدا فرمايو آهي.

اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿١٩﴾ وَّمَا ذٰلِكَ عَلَي اللّٰهِ

(اي انسانو!) جيڪڏهن (الله) گهري تہ توهان کي ختم ڪري ڇڏي ۽ نئين مخلوق آڻي ﴿١٩﴾ ۽ اها ڳالهه الله لاءِ ڪا مشڪل

بِعَزِيزٍ ﴿٢٠﴾ وَبَرَزُوا لِلَّهِ جَمِيعًا فَقَالَ الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِينَ اسْتَكْبَرُوٓا

نه آهي ﴿٢٠﴾ (قيامت ۾) سڀ (قبرن مان نڪري) الله جي حضور ۾ حاضر ٿيندا. پوءِ هيٺا، هٺيلن کي چوندا ته بيشڪ اسين

إِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ أَنْتُمْ مُّغْنُونَ عَنَّا مِنْ عَذَابِ اللَّهِ

توهان جا تابعدار هئاسون، ڇا پوءِ توهان اسان تان الله جو ڪجھ عذاب ٽارڻ وارا آهيو؟ (هٺيلا) چوندا ته جيڪڏهن الله

مِنْ شَيْءٍ ؕ قَالُوا لَوْ هَدٰىنَا اللَّهُ لَهَدَيْنٰكُمْ ؕ سَوَآءٌ عَلَيْنَآ أَجَزِعْنَآ

اسان کي هدايت نصيب ڪري ها ته ضرور اسين توهان کي به هدايت جي واٽ ڏيکاريون ها. (هاڻي) اسين روئون ۽ رڙيون

أَمْ صَبَرْنَا مَا لَنَا مِنْ مَّحِيصٍ ﴿٢١﴾ وَقَالَ الشَّيْطٰنُ لَمَّا قُضِيَ ع ٣ ١٥

ڪريون يا صبر ڪريون، اسان لاءِ برابر آهي، اسان لاءِ ڀڄڻ جي ڪا واٽ نه آهي ﴿٢١﴾ ۽ جڏهن معاملي جو فيصلو ٿي چڪو

الْأَمْرُ إِنَّ اللَّهَ وَعَدَكُمْ وَعْدَ الْحَقِّ وَوَعَدْتُّكُمْ فَأَخْلَفْتُكُمْ ؕ

هوندو، شيطان چوندو ته بيشڪ الله توهان سان سچو وعدو ڪيو ۽ مون توهان سان (ڪوڙو) وعدو ڪيو. پوءِ مون ان جي

وَمَا كَانَ لِيَ عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ إِلَّآ أَنْ دَعَوْتُكُمْ فَاسْتَجَبْتُمْ

خلاف ڪيو ۽ مون کي سڏڻ کان سواءِ توهان تي ڪا حجت (۽ اختيار) نه هو. پوءِ توهان کي سڏيم، پوءِ توهان منهنجي

لِي ۚ فَلَا تَلُومُونِي وَلُومُوٓا أَنْفُسَكُمْ ؕ مَآ أَنَا بِمُصْرِخِكُمْ وَمَآ

سڏ کي قبول ڪيو. پوءِ مون کي نه بلڪ پاڻ کي ملامت ڪريو. آءٌ توهان جي فرياد ٻڌڻ وارو نه آهيان ۽ نه توهان منهنجي

أَنْتُمْ بِمُصْرِخِيَّ ؕ إِنِّي كَفَرْتُ بِمَآ أَشْرَكْتُمُونِ مِنْ قَبْلُ ؕ إِنَّ

فرياد ٻڌڻ وارا آهيو. هن کان اڳ (دنيا ۾) توهان مون کي (الله سان) جيڪو شريڪ ٺهرايو هو. بيشڪ (اڄ) آءٌ ان جو

الظّٰلِمِينَ لَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٢٢﴾ وَأُدْخِلَ الَّذِينَ اٰمَنُوا وَعَمِلُوا

انڪاري آهيان. بيشڪ ظالمن (۽ مشرڪن) لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿٢٢﴾ ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، تن

الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا

ڪي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو، جن جي (محلات يا وڻن جي) هيٺان نهرون وهن ٿيون. منجهن پنهنجي ربّ جي حڪم

بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ؕ تَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ ﴿٢٣﴾ اَلَمْ تَرَ كَيْفَ ضَرَبَ

سان سدائين رهندا. اتي (الله، فرشتن ۽ هڪ ٻئي سان) سندن دعاء سلام سلام هوندي ﴿٢٣﴾ (اي پيغمبر ﷺ!) ڇا تو نہ ڏٺو

اللّٰهُ مَثَلًا كَلِمَةً طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ اَصْلُهَا ثَابِتٌ

تہ الله ڪلمي پاڪ (لا الـٰه الا الله) جو مثال ڪيئن بيان ڪيو آهي؟ پاڪ ڪلمو، پاڪ وڻ (ڪجيءَ) وانگر آهي. جنهن جي پاڙ

وَّفَرْعُهَا فِى السَّمَآءِ ﴿٢٤﴾ تُؤْتِىْٓ اُكُلَهَا كُلَّ حِيْنٍۢ بِاِذْنِ رَبِّهَا ؕ

محڪم آهي ۽ سندس ٽاريون آسمان ۾ آهن ﴿٢٤﴾ پنهنجي ربّ جي حڪم سان هر وقت پنهنجو ميوو ڏئي

وَيَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٥﴾ وَمَثَلُ

ٿو ۽ الله تعاليٰ ماڻهن لاءِ مثال بيان ڪري ٿو تہ مَنَ اهي نصيحت وٺن ﴿٢٥﴾ ۽ ناپاڪ ڪلمي (يعني ڪفر)

كَلِمَةٍ خَبِيْثَةٍ كَشَجَرَةٍ خَبِيْثَةِ ۨاجْتُثَّتْ مِنْ فَوْقِ الْاَرْضِ

جو مثال هڪ بڇڙي وڻ وانگر آهي، جنهن ڪي زمين جي مٿاڇري تان پاڙئون پٽي اڇلايو وڃي. ان ڪي ڪو

مَا لَهَا مِنْ قَرَارٍ ﴿٢٦﴾ يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ

ٽڪاءُ نہ هجي ﴿٢٦﴾ الله پنهنجي مضبوط قول (لا الـٰه الا الله) سان دنيا جي زندگيءَ ۽ آخرت (يعني قبر) ۾ بہ

فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِى الْاٰخِرَةِ ۚ وَيُضِلُّ اللّٰهُ الظّٰلِمِيْنَ ۙ قف وَيَفْعَلُ

(منڪر نڪير جي سوال وقت) مؤمنن ڪي ثابت قدم رکي ٿو ۽ ظالمن (۽ مشرڪن) ڪي (منڪر نڪير جي سوال

اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ﴿٢٧﴾ ع اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ بَدَّلُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ كُفْرًا وَّاَحَلُّوْا

وقت) گمراھ ڪري ٿو ۽ الله جو چاهي ٿو، ڪري ٿو ﴿٢٧﴾ ڇا تو انهن ڪي نہ ڏٺو، جن الله جي نعمت (يعني حضرت

قَوْمَهُمْ دَارَ الْبَوَارِ ﴿٢٨﴾ جَهَنَّمَ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۖ وَ بِئْسَ الْقَرَارُ ﴿٢٩﴾

محمد ﷺ جن جي رسالت) کي ڪفر سان بدلايو ۽ پنهنجي قوم کي هلاڪت واري گهر ۾ اجلائي ڇڏيائون ﴿٢٨﴾

وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا لِّيُضِلُّوْا عَنْ سَبِيْلِهٖ ۖ قُلْ تَمَتَّعُوْا فَاِنَّ

(يعني) دوزخ ۾، جنهن ۾ پهچندا ۽ اها رهڻ جي ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ﴿٢٩﴾ ۽ (مشرڪن) الله (سان شرڪ ڪرڻ

مَصِيْرَكُمْ اِلَى النَّارِ ﴿٣٠﴾ قُلْ لِّعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ

لاءِ) پائيوار مقرر ڪيا آهن، جيئن (ماڻهن کي) ان جي واٽ کان گمراهه ڪن. فرماءِ ته دنيا مان ڪجهه فائدو وٺو، پوءِ بيشڪ توهان
جي موٽڻ جي جاءِ دوزخ آهي ﴿٣٠﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) منهنجن انهن ٻانهن کي فرماءِ، جن ايمان آندو آهي ته نماز قائم ڪن ۽ جيڪا

وَيُنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ

روزي اسان ڪين ڏني آهي، ان مان ڳجهه ۽ ظاهر ۾ ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳ (الله جي واٽ ۾) خرچ ڪن، جنهن

لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا خِلٰلٌ ﴿٣١﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ

ڏينهن نه ڪو واپار هوندو ۽ نه ڪا دوستي هوندي ﴿٣١﴾ الله ئي آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا فرمايو ۽ آسمان

وَاَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ

مان (مينهن جو) پاڻي لاٿائين، پوءِ ان جي ذريعي هر جنس جي ميون مان توهان لاءِ روزي پيدا ڪيائين ۽ ٻيڙين

وَسَخَّرَ لَكُمُ الْفُلْكَ لِتَجْرِيَ فِي الْبَحْرِ بِاَمْرِهٖ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ

کي توهان جي تابع ڪيائين ته جيئن سندس حڪم مطابق سمنڊ ۾ هلن ۽ ندين ۽ نهرن کي توهان جي

الْاَنْهٰرَ ﴿٣٢﴾ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ دَآئِبَيْنِ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الَّيْلَ

اختيار ۾ ڏنائين ﴿٣٢﴾ هميشه هلندڙ سج ۽ چنڊ کي توهان جي تابع ڪيائين ۽ توهان لاءِ رات ۽ ڏينهن کي

وَالنَّهَارَ ﴿٣٣﴾ ۚ وَاٰتٰىكُمْ مِّنْ كُلِّ مَا سَاَلْتُمُوْهُ ۖ وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ

تابع ڪيائين ﴿٣٣﴾ ۽ جيڪا شيءِ توهان ان کان گهرتا، توهان کي عطا ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن الله جي نعمتن کي

لَا تُحْصُوْهَا ؕ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَظَلُوْمٌ كَفَّارٌ ﴿۳۴﴾ ع وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ رَبِّ ٥ ع ١٧

ڳڻيندا تہ انهن کي ڳڻي نہ سگهندا. بيشڪ انسان يقينًا ظالم ۽ ناشڪرو آهي ﴿۳۴﴾ ۽ (ياد ڪر) جڏهن ابراهيم (عليه السلام)

اجْعَلْ هٰذَا الْبَلَدَ اٰمِنًا وَّاجْنُبْنِيْ وَبَنِيَّ اَنْ نَّعْبُدَ الْاَصْنَامَ ﴿۳۵﴾ؕ رَبِّ

چيو تہ ربّ منهنجا! هن شهر کي امن وارو بڻاءِ ۽ مون کي ۽ منهنجي اولاد کي بتن جي عبادت کان بچاءِ ﴿۳۵﴾ ربّ منهنجا!

اِنَّهُنَّ اَضْلَلْنَ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ ۚ فَمَنْ تَبِعَنِيْ فَاِنَّهٗ مِنِّيْ ۚ وَمَنْ

بيشڪ انهن (بتن) گهڻن ماڻهن کي گمراهہ ڪيو، پوءِ جنهن منهنجي تابعداري ڪئي، اهو مون مان آهي ۽ جنهن

عَصَانِيْ فَاِنَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳۶﴾ رَبَّنَآ اِنِّيْٓ اَسْكَنْتُ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ بِوَادٍ

منهنجي نافرماني ڪئي تہ پوءِ بيشڪ تون بخشڻهار رحم ڪندڙ آهين ﴿۳۶﴾ ربّ اسان جا! بيشڪ مون پنهنجي ڪجهہ اولاد

غَيْرِ ذِيْ زَرْعٍ عِنْدَ بَيْتِكَ الْمُحَرَّمِ ۙ رَبَّنَا لِيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ فَاجْعَلْ

(يعني اسماعيل عليه السلام) کي هڪ غير آباد ماٿريءَ ۾ تنهنجي عزت واري گهر وٽ رهايو آهي. ربّ اسان جا! جيئن

اَفْئِدَةً مِّنَ النَّاسِ تَهْوِيْٓ اِلَيْهِمْ وَارْزُقْهُمْ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ

اهي نماز قائم ڪن. پوءِ ماڻهن جي دلين کي انهن ڏانهن متوجّهہ ڪر ۽ کين ميون مان روزي عطا فرماءِ، مَنَ اهي

يَشْكُرُوْنَ ﴿۳۷﴾ رَبَّنَآ اِنَّكَ تَعْلَمُ مَا نُخْفِيْ وَمَا نُعْلِنُ ؕ وَمَا يَخْفٰى عَلَى

شڪر ڪن ﴿۳۷﴾ ربّ اسان جا! بيشڪ تون ڄاڻين ٿو، جيڪي اسين لڪايون ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪريون ٿا ۽ زمين ۽ آسمان جي

اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ ﴿۳۸﴾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ وَهَبَ

ڪا شيءِ الله کان ڳجهي نٿي رهي ﴿۳۸﴾ سڀ ساراهہ الله لاءِ آهي، جنهن مون کي ڪراڙپ (يعني نوانوي سالن جي عمر)

لِيْ عَلَى الْكِبَرِ اِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَسَمِيْعُ الدُّعَآءِ ﴿۳۹﴾ رَبِّ

۾ اسماعيل (عليه السلام) ۽ اسحاق (عليه السلام) بخشيو. بيشڪ منهنجو ربّ دعا ٻڌندڙ (۽ قبول ڪندڙ) آهي ﴿۳۹﴾ ربّ منهنجا! مون

اجْعَلْنِيْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ ۖ رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿٤٠﴾ رَبَّنَا

ڪي ۽ منهنجي اولاد کي نماز قائم ڪندڙ بڻاءِ. ربّ اسان جا! ۽ منهنجي دعا قبول فرماءِ ﴿٤٠﴾ ربّ اسان جا! جنهن

اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ ﴿٤١﴾ وَلَا تَحْسَبَنَّ ع ٦ ١٨

ڏينهن حساب قائم ٿيندو، ان ڏينهن منهنجي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ (جيڪڏهن ايمان آڻين يا آدم ۽ حوا عليهما السلام) ۽ ايمان
وارن کي بخش ﴿٤١﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) هرگز الله کي ظالمن جي ڪرتوتن کان بيخبر نه ڀانءِ. (اي رحمة للعالمين ﷺ! تنهنجي

اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ ۗ إِنَّمَا يُؤَخِّرُهُمْ لِيَوْمٍ تَشْخَصُ فِيْهِ

وجود جي برڪت سان سزا کان) ڪين ان ڏينهن تائين مهلت ڏني وئي آهي، جنهن ۾ اکيون ڦوٽارجي

الْأَبْصَارُ ﴿٤٢﴾ مُهْطِعِيْنَ مُقْنِعِيْ رُءُوْسِهِمْ لَا يَرْتَدُّ إِلَيْهِمْ طَرْفُهُمْ ۚ

وينديون ﴿٤٢﴾ (خوف وچان) پنهنجا ڳاٽا مٿي ڪنيو، ڊوڙندا هوندا. سندن نظر پاڻ ڏانهن نه موٽندي ۽ (عذاب جي سختيءَ

وَأَفْئِدَتُهُمْ هَوَآءٌ ﴿٤٣﴾ وَأَنْذِرِ النَّاسَ يَوْمَ يَأْتِيْهِمُ الْعَذَابُ فَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ

سبب) سندن دليون ڏڪنديون ﴿٤٣﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) ماڻهن کي، متن عذاب اچڻ واري ڏينهن کان ڊيڄار، پوءِ ظالم چوندا ته ربّ

ظَلَمُوْا رَبَّنَآ أَخِّرْنَآ إِلٰى أَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ نُّجِبْ دَعْوَتَكَ وَنَتَّبِعِ الرُّسُلَ ۗ أَوَلَمْ

اسان جا! اسان کي ويجهي مدّت تائين مهلت ڏي ته تنهنجي دعوت کي قبول ڪريون ۽ (تنهنجن) رسولن جي پيروي

تَكُوْنُوْٓا أَقْسَمْتُمْ مِّنْ قَبْلُ مَا لَكُمْ مِّنْ زَوَالٍ ﴿٤٤﴾ وَّسَكَنْتُمْ فِيْ مَسٰكِنِ الَّذِيْنَ

ڪريون. ڇا توهان اڳ ۾ قسم نه کڻندا هئا ته توهان کي زوال اچڻ وارو نه آهي ﴿٤٤﴾ ۽ توهين انهن ماڻهن جي گهرن ۾ رهندا

ظَلَمُوْٓا أَنْفُسَهُمْ وَتَبَيَّنَ لَكُمْ كَيْفَ فَعَلْنَا بِهِمْ وَضَرَبْنَا لَكُمُ الْأَمْثَالَ ﴿٤٥﴾

هئا، جن پاڻ تي ظلم ڪيو ۽ توهان تي پڌرو ٿيو ته اسان سندن ڪهڙو (حال) ڪيو ۽ توهان لاءِ مثال بيان ڪياسون ﴿٤٥﴾

وَقَدْ مَكَرُوْا مَكْرَهُمْ وَعِنْدَ اللّٰهِ مَكْرُهُمْ ۗ وَإِنْ كَانَ مَكْرُهُمْ لِتَزُوْلَ

۽ (اي رسولن جا سردار ﷺ! ڪافرن توسان) مڪر ڪيو ۽ الله وٽ سندن مڪر (روشن) آهي (ڪين ان جو بدلو ڏيندو) ۽

مِنْهُ الْجِبَالُ ﴿٤٦﴾ فَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ مُخْلِفَ وَعْدِهٖ رُسُلَهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ

(اي مُحمّد ﷺ!) سندن مڪاري اهڙي نہ آهي، جو ان سان جبل پنهنجي جاءِ تان هٽي وڃن ﴿٤٦﴾ پوءِ (اي مُحمّد ﷺ!) الله کي

ذُوانْتِقَامٍ ﴿٤٧﴾ يَوْمَ تُبَدَّلُ الْاَرْضُ غَيْرَ الْاَرْضِ وَالسَّمٰوٰتُ وَ بَرَزُوْا لِلّٰهِ

پنهنجن رسولن سان ڪيل وعدي جي خلاف ڪندڙ هرگز نہ ڀانءِ. بيشڪ الله زبردست، بدلو وٺندڙ آهي ﴿٤٧﴾ جنهن ڏينهن
(هيءَ) زمين بدلائي (چاندي جهڙي ڪئي) ويندي ۽ آسمانَ بدلائي (سون جهڙا) ڪيا ويندا ۽ (سڀ ماڻهو قبرن مان نڪري)

الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ ﴿٤٨﴾ وَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ يَوْمَئِذٍ مُّقَرَّنِيْنَ فِى الْاَصْفَادِ ﴿٤٩﴾

زبردست (الله) جي آڏو اچي بيهندا ﴿٤٨﴾ ۽ (ڪافرن ۽) ڏوهارين کي ان ڏينهن زنجيرن ۾ جڪڙيل ڏسندين ﴿٤٩﴾ سندن

سَرَابِيْلُهُمْ مِّنْ قَطِرَانٍ وَّتَغْشٰى وُجُوْهَهُمُ النَّارُ ﴿٥٠﴾ لِيَجْزِىَ اللّٰهُ كُلَّ

ڪپڙا گندرف (۽ پگهريل سيهي) جا هوندا ۽ سندن منهن کي باھ وڪوڙي وٺندي (الله جي پناھ پنون ٿا.) ﴿٥٠﴾ جيئن الله هر

نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿٥١﴾ هٰذَا بَلٰغٌ لِّلنَّاسِ

جيءَ کي سندس ڪمائيءَ جو بدلو ڏي. بيشڪ الله جلد حساب وٺندڙ آهي ﴿٥١﴾ هيءُ (قرآن) ماڻهن لاءِ پيغام آهي ۽ جيئن

وَلِيُنْذَرُوْا بِهٖ وَلِيَعْلَمُوْٓا اَنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّلِيَذَّكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٥٢﴾ ع ٧ ١١ ١٥

ان سان ڪين ڊيڄاريو وڃي ۽ جيئن ڄاڻن تہ اهو ئي اڪيلو معبود آهي ۽ جيئن عقلمند نصيحت حاصل ڪن ﴿٥٢﴾

اٰيَاتُهَا ٩٩ | (١٥) سُوْرَةُ الْحِجْرِ مَكِّيَّةٌ (٥٤) | رُكُوْعَاتُهَا ٦

سورة الحجر مڪي آهي ۽ هن ۾ نوانوي آيتون ۽ ڇهہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع ڪريان ٿو الله جي نالي سان جيڪو دنيا ۾ عام رحم ڪندڙ ۽ آخرت ۾ خاص رحم ڪندڙ آهي.

الٓرٰ قف تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ وَ قُرْاٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿١﴾

الٓرٰ. آءٌ ئي الله آهيان جو ڏسان ٿو. اِهي ڪتاب ۽ روشن قرآن جون آيتون آهن ①

رُبَمَا يَوَدُّ الَّذِينَ كَفَرُوا لَوْ كَانُوا مُسْلِمِينَ ﴿٢﴾ ذَرْهُمْ يَأْكُلُوا

ڪافر گهڻو ئي چاهيندا ته جيڪر اهي مسلمان هجن ها ﴿٢﴾ (اي پيغمبر ﷺ) کين ڇڏي ڏي ته (هن دنيا ۾) کائين ۽ فائدو

وَيَتَمَتَّعُوا وَيُلْهِهِمُ الْأَمَلُ فَسَوْفَ يَعْلَمُونَ ﴿٣﴾ وَمَا أَهْلَكْنَا مِنْ

وٺن ۽ اميدون انهن کي (ايمان ۽ اطاعت کان) غافل رکن، پوءِ سگهوئي ڄاڻندا ﴿٣﴾ ۽ اسان جنهن به ڳوٺ کي (سندس

قَرْيَةٍ إِلَّا وَلَهَا كِتَابٌ مَعْلُومٌ ﴿٤﴾ مَا تَسْبِقُ مِنْ أُمَّةٍ أَجَلَهَا وَمَا

ڪرتوتن سبب) هلاڪ ڪيو آهي، تنهن لاءِ هڪ وقت مقرر هو ﴿٤﴾ ڪا قوم پنهنجي مقرر وقت کان نه اڳ (هلاڪ) ٿئي ٿي ۽ نه

يَسْتَأْخِرُونَ ﴿٥﴾ وَقَالُوا يَا أَيُّهَا الَّذِي نُزِّلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ إِنَّكَ

پوءِ (هلاڪ) ٿئي ٿي ﴿٥﴾ ۽ (ڪافر ٺٺوليون ڪندي) چون ٿا ته اي شخص! جنهن تي قرآن لاٿو ويو آهي، بيشڪ

لَمَجْنُونٌ ﴿٦﴾ لَوْ مَا تَأْتِينَا بِالْمَلَائِكَةِ إِنْ كُنْتَ مِنَ الصَّادِقِينَ ﴿٧﴾

تون (اسان جي عقيدي مطابق) چريو آهين ﴿٦﴾ جيڪڏهن سچو آهين ته اسان وٽ فرشتن کي ڇو نٿو آڻين؟ ﴿٧﴾

مَا نُنَزِّلُ الْمَلَائِكَةَ إِلَّا بِالْحَقِّ وَمَا كَانُوا إِذًا مُنْظَرِينَ ﴿٨﴾ إِنَّا

اسان فرشتن کي صرف حقّ سان لاهيندا آهيون ۽ ان وقت (عذاب جي اچڻ کان پوءِ) کين ڪا مهلت نه ڏني ويندي ﴿٨﴾

نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَإِنَّا لَهُ لَحَافِظُونَ ﴿٩﴾ وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا مِنْ

بيشڪ اسان ئي نصيحت (يعني قرآن) کي لاٿو آهي ۽ بيشڪ اسين ئي ان جي حفاظت ڪندڙ آهيون ﴿٩﴾ ۽ بيشڪ

قَبْلِكَ فِي شِيَعِ الْأَوَّلِينَ ﴿١٠﴾ وَمَا يَأْتِيهِمْ مِنْ رَسُولٍ إِلَّا كَانُوا بِهِ

اسين تو کان اڳ پهرين ٽولين ۾ (پنهنجا پيغمبر) موڪلي چڪا آهيون ﴿١٠﴾ ۽ جيڪو به پيغمبر وٽن ايندو هو، اهي

يَسْتَهْزِءُونَ ﴿١١﴾ كَذَٰلِكَ نَسْلُكُهُ فِي قُلُوبِ الْمُجْرِمِينَ ﴿١٢﴾ لَا يُؤْمِنُونَ

(تابعداري ڪرڻ جي بجاءِ) ساڻس ٺٺوليون ڪندا هئا ﴿١١﴾ (پوءِ اي محمد ﷺ! غم نه ڪر جيئن اڳين ڪافر قومن ٺٺوليون ڪيون)، تيئن
اسين ڏوهارين جي دلين ۾ (ٺٺولين ۽ گمراهين جا خيالَ) وجهون ٿا ﴿١٢﴾ ان (شامت جي) ڪري (اهي حضرت محمد ﷺ تي) ايمان

بِهٖ وَقَدْ خَلَتْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣﴾ وَلَوْ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا مِّنَ السَّمَآءِ

نتا آڻين ۽ بيشڪ اڳين جو طريقو گذري چڪو آهي ﴿١٣﴾ ۽ جيڪڏهن سندن مٿان آسمان جو ڪو دروازو کوليون ها، پوءِ

فَظَلُّوْا فِيْهِ يَعْرُجُوْنَ ﴿١٤﴾ لَقَالُوْٓا اِنَّمَا سُكِّرَتْ اَبْصَارُنَا بَلْ

اهي ان ۾ هميشه چڙهندا رهن ها ﴿١٤﴾ ته به يقيناً چون ها ته بيشڪ (جادوءَ سان) اسان جون اکيون مُنڊيون ويون آهن،

نَحْنُ قَوْمٌ مَّسْحُوْرُوْنَ ﴿١٥﴾ وَلَقَدْ جَعَلْنَا فِى السَّمَآءِ بُرُوْجًا

ع ١٥

بلڪ اسين هڪ جادو ڪيل قوم آهيون ﴿١٥﴾ ۽ بيشڪ اسان آسمان ۾ ڪجهه برج بڻايا آهن ۽ اسان ئي انهن کي ڏسندڙن

وَّزَيَّنّٰهَا لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿١٦﴾ وَحَفِظْنٰهَا مِنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ رَّجِيْمٍ ﴿١٧﴾

لاءِ سجايو آهي ﴿١٦﴾ ۽ اسان هر هڪ تڙيل شيطان کان ان جي حفاظت ڪئي آهي ﴿١٧﴾ مگر جيڪو(شيطان) چوريءَ

اِلَّا مَنِ اسْتَرَقَ السَّمْعَ فَاَتْبَعَهٗ شِهَابٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٨﴾ وَالْاَرْضَ

ڪا ڳالهه ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته پڙڪندڙ شعلو سندس پويان لڳندوآهي ﴿١٨﴾ ۽ اسان زمين کي وڇايو

مَدَدْنٰهَا وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِىَ وَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ شَىْءٍ

آهي ۽ ان جي مٿان جبل کوڙيا آهن ۽ انهيءَ ۾ هر مناسب شيءِ اپائي آهي (مثلاً سون، چاندي ۽

مَّوْزُوْنٍ ﴿١٩﴾ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ وَمَنْ لَّسْتُمْ لَهٗ بِرٰزِقِيْنَ ﴿٢٠﴾

جوهرَ) ﴿١٩﴾ ۽ منجهس توهان لاءِ ۽ انهن لاءِ پڻ، جن کي توهان روزي ڏيڻ وارا نه آهيو، زندگيءَ جا اسباب پيدا ڪيا آهن ﴿٢٠﴾

وَاِنْ مِّنْ شَىْءٍ اِلَّا عِنْدَنَا خَزَآئِنُهٗ ۫ وَمَا نُنَزِّلُهٗٓ اِلَّا بِقَدَرٍ

۽ اسان وٽ (پاڻي وغيره) هر شيءِ جا خزانا آهن ۽ اسان ان کي (پنهنجي علم مطابق) مقرر ڪيل مقدار مطابق

مَّعْلُوْمٍ ﴿٢١﴾ وَاَرْسَلْنَا الرِّيٰحَ لَوَاقِحَ فَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً

لاهيون ٿا ﴿٢١﴾ ۽ اسان پاڻيءَ سان ڀريل ڪڪرن کي موڪليون ٿا، جن کي هوائون هلائين ٿيون، پوءِ آسمان

فَاَسْقَيْنٰكُمُوْهُ ۚ وَمَآ اَنْتُمْ لَهٗ بِخٰزِنِيْنَ ﴿٢٢﴾ وَاِنَّا لَنَحْنُ نُحْيٖ وَنُمِيْتُ

مان پاڻي لاهيون ٿا. پوءِ اهو توهان کي پياريون ٿا ۽ توهان ان کي گڏ ڪندڙ نہ آهيو ﴿٢٢﴾ ۽ بيشڪ اسين ئي جياريون ٿا ۽

وَنَحْنُ الْوٰرِثُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَلَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَقْدِمِيْنَ مِنْكُمْ وَلَقَدْ

اسين ئي ماريون ٿا ۽ اسان ئي (هر شيءِ جا) وارث آهيون ﴿٢٣﴾ ۽ بيشڪ اسان توهان مان اڳين (يعني نماز جي

عَلِمْنَا الْمُسْتَاْخِرِيْنَ ﴿٢٤﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَحْشُرُهُمْ ؕ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ

پهرئين صف وارن) کي بہ ڄاتو ۽ انهن کي بہ ڄاتوسون جيڪي آخر ۾ اچڻ وارا آهن ﴿٢٤﴾ ۽ بيشڪ تنهنجو ربّ ئي انهن سڀني
کي گڏ ڪندو، (پوءِ قيامت جي ڏينهن سندن نيت جي مطابق هر هڪ کي بدلو ڏيندو.) بيشڪ اهو (الله تعالىٰ)

عَلِيْمٌ ﴿٢٥﴾ ع وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ

ئي حڪمت وارو، علم وارو آهي ﴿٢٥﴾ ۽ بيشڪ اسان انسان کي بوءِدار، ڪڙڪندڙ، سڪل مٽيءَ مان پيدا ڪيو

مَّسْنُوْنٍ ﴿٢٦﴾ ۚ وَالْجَآنَّ خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ مِنْ نَّارِ السَّمُوْمِ ﴿٢٧﴾ وَاِذْ

آهي ﴿٢٦﴾ ۽ ان کان اڳ (جنن جي پيءُ) جانّ کي باهہ جي ڄڀيءَ مان پيدا ڪيوسون ﴿٢٧﴾ ۽ (ياد ڪر اي نبين جا سردار ﷺ!)

قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ

جڏهن تنهنجي ربّ فرشتن کي فرمايو تہ بيشڪ آءٌ بوءِدار، ڪڙڪندڙ، سڪل مٽيءَ مان هڪ آدميءَ کي پيدا ڪندڙ

مَّسْنُوْنٍ ﴿٢٨﴾ فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ

آهيان ﴿٢٨﴾ پوءِ جڏهن ڪيس جوڙي تيار ڪريان ۽ منجهس پنهنجو روح ڦوڪيان تہ (منهنجي انهيءَ خلقيل ڀانهي) لاءِ

سٰجِدِيْنَ ﴿٢٩﴾ فَسَجَدَ الْمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ﴿٣٠﴾ ۙ اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰٓى

سجدي ۾ ڪري پئجو ﴿٢٩﴾ پوءِ سڀني فرشتن گڏجي (ڪيس) سجدو ڪيو ﴿٣٠﴾ سواءِ ابليس جي، ان (سرڪشي ۽)

اَنْ يَّكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٣١﴾ قَالَ يٰٓاِبْلِيْسُ مَا لَكَ اَلَّا تَكُوْنَ مَعَ

انڪار ڪيو تہ سجدو ڪندڙن مان ٿئي ﴿٣١﴾ (الله) فرمايو تہ اي ابليس! ڪهڙو سبب آهي جو تون سجدو ڪندڙن

السّٰجِدِيْنَ ﴿٣٢﴾ قَالَ لَمْ اَكُنْ لِّاَسْجُدَ لِبَشَرٍ خَلَقْتَهٗ مِنْ صَلْصَالٍ

مان نہ ٿئين؟ ﴿٣٢﴾ (ابليس) چيو تہ آءٌ بوءِدار، ڪڙڪندڙ، سڪل مٽيءَ مان تنهنجي خلقيل انسان کي سجدو ڪرڻ

مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٣٣﴾ قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَاِنَّكَ رَجِيْمٌ ﴿٣٤﴾ وَّاِنَّ عَلَيْكَ

وارو نہ آهيان ﴿٣٣﴾ (الله) فرمايو تہ پوءِ هن (جنت) مان نڪر، پوءِ بيشڪ تون تڙيل آهين ﴿٣٤﴾ ۽ بيشڪ توتي قيامت

اللَّعْنَةَ اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٣٥﴾ قَالَ رَبِّ فَاَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿٣٦﴾

جي ڏينهن تائين لعنت آهي (جيڪا توبه قبول ٿيڻ جي آخري گهڙي آهي.) ﴿٣٥﴾ (ابليس) چيو تہ ربّ منهنجا! پوءِ مون
کي ان ڏينهن تائين مهلت ڏي، جڏهن انهن (آدم ۽ سندس اولاد) کي جياريو ويندو ﴿٣٦﴾ (الله) فرمايو تہ پوءِ بيشڪ تون

قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿٣٧﴾ اِلٰى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ ﴿٣٨﴾ قَالَ

مهلت ڏنلن مان آهين ﴿٣٧﴾ (يعني منهنجي علم مطابق پهرئين صور لاءِ) مقرر ٿيل وقت تائين ﴿٣٨﴾ (ابليس) چيو تہ ربّ

رَبِّ بِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ لَاُزَيِّنَنَّ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَلَاُغْوِيَنَّهُمْ

منهنجا! تو (آدم جي ڪري) مون کي گمراه ڪيو، آءٌ بہ ضرور سندن لاءِ زمين ۾ (باطل ۽ معصيت) کي سينگاريندس ۽

اَجْمَعِيْنَ ﴿٣٩﴾ اِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٤٠﴾ قَالَ هٰذَا صِرَاطٌ

ضرور سڀني کي گمراه ڪندس ﴿٣٩﴾ سواءِ انهن مان تنهنجن مخلص ٻانهن جي ﴿٤٠﴾ (الله) فرمايو تہ مون تائين (پهچڻ لاءِ)

عَلَيَّ مُسْتَقِيْمٌ ﴿٤١﴾ اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنٌ اِلَّا مَنِ

اهائي سڌي واٽ آهي ﴿٤١﴾ بيشڪ منهنجن (هدايت يافته) ٻانهن کي (گمراه ڪرڻ لاءِ) تنهنجو ڪو زور ۽ غلبو نہ هلندو، مگر

اتَّبَعَكَ مِنَ الْغٰوِيْنَ ﴿٤٢﴾ وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمَوْعِدُهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٤٣﴾ لَهَا

گمراهن مان جنهن تنهنجي پيروي ڪئي ﴿٤٢﴾ ۽ بيشڪ دوزخ انهن (يعني ابليس ۽ سندس پوئلڳن) سڀني جي وعدي جي

سَبْعَةُ اَبْوَابٍ ۭ لِكُلِّ بَابٍ مِّنْهُمْ جُزْءٌ مَّقْسُوْمٌ ﴿٤٤﴾ اِنَّ

جاءِ آهي ﴿٤٣﴾ ان جا ست دروازا آهن، هر هڪ دروازي مان (تقدير مطابق) ورهايل هڪ حصو آهي ﴿٤٤﴾ بيشڪ پرهيزگار

اَلْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿٤٥﴾ اُدْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ اٰمِنِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَنَزَعْنَا

باغن ۾ چشمن ۾ هوندا ﴿٤٥﴾ (کين چئبو ته) انهن ۾ (الله جي ڏمر کان) سلامتيءَ ۾ امن سان داخل ٿيو ﴿٤٦﴾ ۽ سندن سينن جو

مَا فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنْ غِلٍّ اِخْوَانًا عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿٤٧﴾ لَا

کينو کڍي ڇڏينداسون (۽) تختن تي (هڪ ٻئي لاءِ مهربان) ڀائرن وانگر سامهون ٿي ويهندا ﴿٤٧﴾ اتي نه کين کو رنج

يَمَسُّهُمْ فِيْهَا نَصَبٌ وَّمَا هُمْ مِّنْهَا بِمُخْرَجِيْنَ ﴿٤٨﴾ نَبِّئْ عِبَادِيْٓ اَنِّيْٓ

پهچندو ۽ نه (ڪڍهن) اهي اتان نکرڻ وارا آهن ﴿٤٨﴾ ۽ (اي سيد المرسلين ﷺ!) منهنجن ٻانهن کي خبر ڏي

اَنَا الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿٤٩﴾ وَاَنَّ عَذَابِيْ هُوَ الْعَذَابُ الْاَلِيْمُ ﴿٥٠﴾ وَنَبِّئْهُمْ

ته آءٌ بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهيان ﴿٤٩﴾ ۽ هيءُ ته منهنجو عذاب ڏاڍو ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿٥٠﴾ ۽ کين ابراهيم (عليه السلام) جي

عَنْ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ ﴿٥١﴾ اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا ۭ قَالَ اِنَّا مِنْكُمْ

وقف لازم

مهمانن جي باري ۾ خبر ڏي ﴿٥١﴾ جڏهن اهي وٽس داخل ٿيا ته سلام ڪيائون (ابراهيم عليه السلام) چيو ته بيشڪ اسين توهان

وَجِلُوْنَ ﴿٥٢﴾ قَالُوْا لَا تَوْجَلْ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمٍ عَلِيْمٍ ﴿٥٣﴾ قَالَ اَبَشَّرْتُمُوْنِيْ

کان ڊڄندڙ آهيون ﴿٥٢﴾ چيائون ته نه ڊڄ، بيشڪ اسين توکي هڪ داناءَ پٽ جي خوشخبري ڏيون ٿا ﴿٥٣﴾ ابراهيم (عليه السلام) چيو

عَلٰٓى اَنْ مَّسَّنِيَ الْكِبَرُ فَبِمَ تُبَشِّرُوْنَ ﴿٥٤﴾ قَالُوْا بَشَّرْنٰكَ بِالْحَقِّ

ته چا توهان مون کي ڪراڙپ ۾ (پٽ جي) خوشخبري ڏيو ٿا، پوءِ ڇا جي خوشخبري ڏيو ٿا؟ ﴿٥٤﴾ انهن چيو ته توکي حقّ سان

فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْقٰنِطِيْنَ ﴿٥٥﴾ قَالَ وَمَنْ يَّقْنَطُ مِنْ رَّحْمَةِ رَبِّهٖٓ اِلَّا

خوشخبري ڏيون ٿا، پوءِ نااميدن مان نه ٿيءُ ﴿٥٥﴾ (ابراهيم عليه السلام) چيو ته پنهنجي ربّ جي رحمت کان گمراهن کان سواءِ

الضَّآلُّوْنَ ﴿٥٦﴾ قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٥٧﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ

ڪير نااميد ٿيندو؟ ﴿٥٦﴾ چيائين ته پوءِ اي موڪليل (ملائڪو!) توهان جو ڪهڙو حال (۽ ڪهڙو مقصد) آهي؟ ﴿٥٧﴾ انهن چيو ته

اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿۵۸﴾ اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ ؕ اِنَّا لَمُنَجُّوْهُمْ

بيشڪ اسين هڪ ڏوهاري قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيون ﴿۵۸﴾ سواءِ لوط جي گهر وارن جي، بيشڪ اسين انهن سڀني کي

اَجْمَعِيْنَ ﴿۵۹﴾ اِلَّا امْرَاَتَهٗ قَدَّرْنَآ ۙ اِنَّهَا لَمِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿۶۰﴾ ع

نجات ڏيندڙ آهيون ﴿۵۹﴾ مگر سندس زال، جنهن لاءِ اسان طي ڪيو آهي ته اها (عذاب لاءِ) پوئتي رهندڙن مان آهي﴿۶۰﴾

فَلَمَّا جَآءَ اٰلَ لُوْطِ ۨالْمُرْسَلُوْنَ ﴿۶۱﴾ قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ﴿۶۲﴾

پوءِ جڏهن (اسان جا) موڪليل (فرشتا) لوط جي گهر وارن وٽ آيا ﴿۶۱﴾ (ته ان) چيو ته بيشڪ توهان اوپري قوم آهيو ﴿۶۲﴾

قَالُوْا بَلْ جِئْنٰكَ بِمَا كَانُوْا فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿۶۳﴾ وَاَتَيْنٰكَ بِالْحَقِّ وَاِنَّا

ملائڪن چيو ته بلڪ اسان تو وٽ (اهو عذاب) آندو آهي، جنهن جي باري ۾ اهي شڪ ڪن ٿا ﴿۶۳﴾ ۽ اسان تو وٽ حقّ

لَصٰدِقُوْنَ ﴿۶۴﴾ فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ وَاتَّبِعْ اَدْبَارَهُمْ وَلَا

آندو آهي ۽ بيشڪ اسين سچا آهيون﴿۶۴﴾ پوءِ پنهنجن گهر وارن کي رات جي هڪڙي حصي ۾ وٺي نڪري هليو وڃ ۽ پاڻ به سندن
پويان هل، (ايستائين جو ڪو به پوئتي باقي نه رهي) ۽ توهان مان ڪو به پوئتي مڙي نه ڏسي ۽ (جبرئيل عليه السلام جي

يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ وَّامْضُوْا حَيْثُ تُؤْمَرُوْنَ ﴿۶۵﴾ وَقَضَيْنَآ اِلَيْهِ

طرفان) توهان کي جتي به حڪم ڪيو وڃي تو، اتي هليا وڃو ﴿۶۵﴾ ۽ انهيءَ (يعني لوط عليه السلام) ڏانهن هيءُ فرمان

ذٰلِكَ الْاَمْرَ اَنَّ دَابِرَ هٰٓؤُلَآءِ مَقْطُوْعٌ مُّصْبِحِيْنَ ﴿۶۶﴾ وَجَآءَ

وحيءَ جي ذريعي موڪليوسون ته صبح ٿيندي ئي انهن (ڪافرن) جي پاڙ پٽي ويندي ﴿۶۶﴾ ۽ (سدوم) شهر وارا

اَهْلُ الْمَدِيْنَةِ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿۶۷﴾ قَالَ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ ضَيْفِيْ فَلَا

هڪ ٻئي کي خوشخبريون ڏيندي (وٽس) آيا ﴿۶۷﴾ (لوط عليه السلام) چيو ته بيشڪ اهي منهنجا مهمان آهن، پوءِ مون کي

تَفْضَحُوْنِ ﴿۶۸﴾ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخْزُوْنِ ﴿۶۹﴾ قَالُوْٓا اَوَلَمْ نَنْهَكَ عَنِ

خوار نه ڪريو ﴿۶۸﴾ ۽ الله کان ڊڄو ۽ مون کي شرمسار نه ڪريو ﴿۶۹﴾ انهن چيو ته ڇا اسان تو کي جهانن وارن

الْعٰلَمِيْنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ هٰٓؤُلَآءِ بَنٰتِيْٓ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ﴿٧١﴾ لَعَمْرُكَ اِنَّهُمْ

(جي مهماني ڪرڻ کان) ناهي روڪيو ؟ ﴿٧٠﴾ (لوط عليه السلام) چيو ته هي منهنجيون ڌيئرون آهن، جيڪڏهن توهان (انهن
سان نڪاح) ڪندڙ آهيو (ته اهو ئي درست طريقو آهي.) ﴿٧١﴾ (اي محمد ﷺ!) تنهنجي عمر جو قسم! بيشڪ اهي پنهنجي

لَفِيْ سَكْرَتِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿٧٢﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ مُشْرِقِيْنَ ﴿٧٣﴾

مستيءَ (۽ جهالت) ۾ مدهوش (۽ غرق) ٿي رهيا هئا ﴿٧٢﴾ پوءِ سج اڀرڻ وقت انهن کي (جبرئيل عليه السلام جي) رڙ پڪڙيو ﴿٧٣﴾

فَجَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ﴿٧٤﴾

پوءِ اسان سندن مٿانهين (شهر) کي هيٺاهون (يعني اونڌو) ڪري ڇڏيو ۽ انهن تي مٽيءَ جي پڪل (سروٽن ۽) پٿرن

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْمُتَوَسِّمِيْنَ ﴿٧٥﴾ وَاِنَّهَا لَبِسَبِيْلٍ مُّقِيْمٍ ﴿٧٦﴾

جي بارش ڪئي سون ﴿٧٤﴾ بيشڪ ان ۾ سوچيندڙن لاءِ يقينًا نشانيون آهن ﴿٧٥﴾ ۽ بيشڪ اهي (يعني لوط عليه السلام جي قوم
جون ناس ٿيل وسنديون مڪي کان شام ويندڙ) هڪڙي پڌري رستي تي (موجود) آهن ﴿٧٦﴾ بيشڪ انهيءَ (واقعي) ۾

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٧﴾ وَاِنْ كَانَ اَصْحٰبُ الْاَيْكَةِ

ايمان وارن لاءِ يقينًا هڪڙي نشاني آهي ﴿٧٧﴾ ۽ يقينًا ايڪه (يعني جهنگن ۾ رهڻ واري شعيب عليه السلام جي قوم)

لَظٰلِمِيْنَ ﴿٧٨﴾ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ ۘ وَاِنَّهُمَا لَبِاِمَامٍ مُّبِيْنٍ ﴿٧٩﴾ وَلَقَدْ (ع ٥ وقف لازم)

ظالم هئي ﴿٧٨﴾ پوءِ اسان انهن کان بدلو ورتو ۽ بيشڪ اِهي ٻئي (قومون) پڌري واٽ تي آهن ﴿٧٩﴾ ۽ بيشڪ حجر (جي

كَذَّبَ اَصْحٰبُ الْحِجْرِ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٨٠﴾ وَاٰتَيْنٰهُمْ اٰيٰتِنَا فَكَانُوْا

ماٿريءَ ۾ رهندڙ صالح عليه السلام جي قوم) پيغمبرن کي ڪوڙو ڪيو ﴿٨٠﴾ ۽ اسان کين پنهنجيون نشانيون ڏنيون، پوءِ

عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ﴿٨١﴾ وَكَانُوْا يَنْحِتُوْنَ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا

اهي انهن کان منهن موڙيندڙ هئا ﴿٨١﴾ ۽ اهي جبلن کي تڪي، انهن ۾ گهر ٺاهي امن سان (۽ بي خوف ٿي)

اٰمِنِيْنَ ﴿٨٢﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ مُصْبِحِيْنَ ﴿٨٣﴾ فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا

رهندا هئا ﴿٨٢﴾ پوءِ کين صبح جي وقت (عذاب جي) رڙ اچي پڪڙيو ﴿٨٣﴾ پوءِ اهي جيڪي (مال ۽ مويشي) ڪمائيندا

كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٨٤﴾ۭ وَمَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ

هئا، تن کين (عذاب کان) نہ بچايو ﴿٨٤﴾ ۽ اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي شيون انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهن، تن کي حقّ سان

اِلَّا بِالْحَقِّ ۭ وَاِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ فَاصْفَحِ الصَّفْحَ الْجَمِيْلَ ﴿٨٥﴾

پيدا ڪيو آهي ۽ بيشڪ قيامت ضرور اچڻ واري آهي. پوءِ (ڪافرن کي) معاف ڪر سهڻي نموني معاف ڪرڻ ﴿٨٥﴾

اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ ﴿٨٦﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنٰكَ سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِيْ

بيشڪ تنهنجو ربّ وڏو خلقڻهار، داناءُ آهي ﴿٨٦﴾ ۽ (اي مُحَمَّدَ ﷺ!) بيشڪ اسان تو کي (سوره فاتحه جون فضيلت واريون)

وَالْقُرْاٰنَ الْعَظِيْمَ ﴿٨٧﴾ لَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖٓ

ست آيتون عطا ڪيون آهن، جيڪي (نماز جي هر رڪعت ۾) پڙهبيون آهن ۽ تو کي وڏو قرآن (ڏنوسون) ﴿٨٧﴾ (۽ اي پيغمبرن جا
سردار ﷺ!) اسان انهن کي (دنياوي مال ۽ زينت جون) جيڪي شيون فائدي وٺڻ لاءِ ڏنيون آهن، انهن ڏانهن اکيون ڪڻي بہ نہ نهار

اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ

۽ (جيڪڏهن اهي ايمان نٿا آڻين تہ) انهن تي غم نہ ڪر ۽ مؤمنن لاءِ عاجزي ڪندي پنهنجون ٻانهون

لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨٨﴾ وَقُلْ اِنِّيْٓ اَنَا النَّذِيْرُ الْمُبِيْنُ ﴿٨٩﴾ۚ كَمَآ اَنْزَلْنَا عَلَى

ڍهلاءِ ﴿٨٨﴾ ۽ فرماءِ تہ بيشڪ آءٌ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان ﴿٨٩﴾ جيئن ورهائيندڙن (يعني تفرقو وجهندڙن) تي (عذاب)

الْمُقْتَسِمِيْنَ ﴿٩٠﴾ۙ الَّذِيْنَ جَعَلُوا الْقُرْاٰنَ عِضِيْنَ ﴿٩١﴾ فَوَرَبِّكَ

لاٿوسون ﴿٩٠﴾ (يعني) جن قرآن کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو. (ان جي هڪ حصي کي مڃين ٿا ۽ ٻئي کي نٿا مڃين) ﴿٩١﴾ پوءِ

ع

لَنَسْـَٔلَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٩٢﴾ۙ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾ فَاصْدَعْ بِمَا

تنهنجي ربّ جو قسم تہ ضرور انهن سڀني کان پڇنداسون ﴿٩٢﴾ (تہ پيغمبر ﷺ ۽ قرآن پاڪ سان) ڪهڙو معاملو ڪندا هئا؟ ﴿٩٣﴾

تُؤْمَرُ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٩٤﴾ اِنَّا كَفَيْنٰكَ الْمُسْتَهْزِءِيْنَ ﴿٩٥﴾ۙ

پوءِ (اي مُحَمَّدَ ﷺ!) جيڪو حڪم تو کي ڏنو وڃي ٿو، سو (ماڻهن کي) ٻڌاءِ ۽ مشرڪن کان منهن موڙ ﴿٩٤﴾ بيشڪ اسين تو لاءِ

الَّذِيْنَ يَجْعَلُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۚ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿٩٦﴾ وَلَقَدْ

(پنج وقتي نماز تي) ٺٺوليون ڪندڙ (ڪافرن ۽ مشرڪن) کان ڪافي ٿياسون ﴿٩٥﴾ (اهي ٺٺوليون ڪندڙ ڪافر ۽ مشرڪ)، جيڪي
الله سان گڏ ٻيو معبود ٺهرائين ٿا، پوءِ سگهوئي اهي ڄاڻندا ﴿٩٦﴾ ۽ بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا ته سندن ڳالهين جي ڪري

نَعْلَمُ اَنَّكَ يَضِيْقُ صَدْرُكَ بِمَا يَقُوْلُوْنَ ﴿٩٧﴾ ۙ فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ

تنهنجو سينو تنگ ٿئي ٿو ﴿٩٧﴾ پوءِ پنهنجي ربّ جي ساراهه سان گڏ سندس تسبيح بيان ڪر ۽ سجدو ڪندڙن مان

وَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٩٨﴾ ۙ وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ ﴿٩٩﴾ ع

ٿيءُ ﴿٩٨﴾ ۽ موت اچڻ تائين پنهنجي ربّ جي عبادت ڪر ﴿٩٩﴾ (يا الله! اسان جو خاتمو بالخير فرماءِ.)

اٰيَاتُهَا ١٢٨ (١٦) سُوْرَةُ النَّحْلِ مَكِّيَّةٌ (٧٠) رُكُوْعَاتُهَا ١٦

سورة النحل مڪي آهي، هن ۾ هڪ سو اٺاويهه آيتون ۽ سورنهن رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان پڙهان ٿو، جيڪو معبود برحقّ ۽ مقصود مطلق ۽ عام ۽ خاص تي رحمت جو مالڪ آهي.

اَتٰٓى اَمْرُ اللّٰهِ فَلَا تَسْتَعْجِلُوْهُ ۭ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿١﴾

الله (جي عذاب) جو حڪم اچي چڪو پوءِ ان لاءِ جلدي نه ڪريو. اهو پاڪ ۽ مٿانهون آهي انهيءَ شرڪ کان، جيڪو اهي ڪن ٿا ﴿١﴾

يُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ بِالرُّوْحِ مِنْ اَمْرِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖٓ

(الله) فرشتن کي وحي ڏئي پنهنجن ٻانهن مان جنهن تي گهري ٿو لاهي ٿو، هن فرمان سان ته ماڻهن کي

اَنْ اَنْذِرُوْٓا اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاتَّقُوْنِ ﴿٢﴾ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ

ڊيڄاريو ته مون کان سواءِ ڪو معبود نه آهي، پوءِ مون کان ئي ڊڄو ﴿٢﴾ (الله) آسمانن ۽ زمين کي حقّ سان

وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ۭ تَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٣﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ

پيدا فرمايو. جيڪو شرڪ اهي ڪن ٿا، (الله) ان کان مٿانهون آهي ﴿٣﴾ انسان کي (گندي پاڻي يعني) منيءَ مان

نُّطْفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ﴿٤﴾ وَالْاَنْعَامَ خَلَقَهَا ج لَكُمْ

پيدا ڪيائين. پوءِ ٻه اهو پڌرو جهيڙاڪ آهي ﴿٤﴾ ۽ توهان لاءِ جانورن کي خلقيائين جن (جي ڏاس ۽ اُنَ)

فِيْهَا دِفْءٌ وَّمَنَافِعُ وَمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٥﴾ وَلَكُمْ فِيْهَا جَمَالٌ

۾ توهان لاءِ گرم پوشاڪ ۽ فائدي جون شيون آهن ۽ انهن مان ڪن جو گوشت کائو ٿا ﴿٥﴾ ۽ جڏهن انهن کي صبح

حِيْنَ تُرِيْحُوْنَ وَحِيْنَ تَسْرَحُوْنَ ﴿٦﴾ وَتَحْمِلُ اَثْقَالَكُمْ اِلٰى بَلَدٍ

جي وقت چارڻ لاءِ ڪاهي ويندا آهيو ۽ جنهن وقت شام جو انهن کي واپس آڻيندا آهيو، ان وقت اهي توهان لاءِ سونهن
جو سبب هوندا آهن ﴿٦﴾ ۽ اهي (جانور) توهان جا ڳرا بار هڪ شهر (ڪان ٻئي شهر) تائين پهچائيندا آهن، جن

لَّمْ تَكُوْنُوْا بٰلِغِيْهِ اِلَّا بِشِقِّ الْاَنْفُسِ ط اِنَّ رَبَّكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿٧﴾ لا

کي توهان وڏي تڪليف سان اتي پهچائيندا آهيو. بيشڪ توهان جو ربّ يقينًا مهربان، رحم ڪندڙ آهي ﴿٧﴾

وَّالْخَيْلَ وَالْبِغَالَ وَالْحَمِيْرَ لِتَرْكَبُوْهَا وَزِيْنَةً ط وَيَخْلُقُ مَا لَا

۽ گهوڙا ۽ خچر ۽ گڏه (پيدا ڪيائين)، جيئن مٿن سواري ڪريو ۽ (پڻ توهان لاءِ) زينت آهن ۽ اهي شيون پيدا ڪيائين،

تَعْلَمُوْنَ ﴿٨﴾ وَعَلَى اللّٰهِ قَصْدُ السَّبِيْلِ وَمِنْهَا جَآئِرٌ ط وَلَوْ شَآءَ

جن کي توهان نٿا ڄاڻو ﴿٨﴾ ۽ (اسلام جي) سڌي واٽ الله جي رضا تائين پهچائي ٿي ۽ ٻيا رستا (حقّ ڪان) هٽيل آهن ۽

لَهَدٰىكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٩﴾ ع هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً لَّكُمْ ع ٩

جيڪڏهن الله گهري ها ته يقينًا توهان سڀني کي هدايت ڏي ها ﴿٩﴾ اهو الله ئي آهي، جنهن آسمان مان توهان لاءِ پاڻي

مِّنْهُ شَرَابٌ وَّمِنْهُ شَجَرٌ فِيْهِ تُسِيْمُوْنَ ﴿١٠﴾ يُنْۢبِتُ لَكُمْ بِهِ

لاٿو، جنهن کي پيئو ٿا ۽ ان سان وڻڪار ٿئي ٿي، جنهن مان پنهنجن جانورن کي چاريو ٿا ﴿١٠﴾ (الله) ان (پاڻيءَ) سان

الزَّرْعَ وَالزَّيْتُوْنَ وَالنَّخِيْلَ وَالْاَعْنَابَ وَمِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ط

توهان لاءِ پوک ۽ زيتون ۽ کجيون ۽ انگور ۽ هر قسم جا ميوا اپائي ٿو. بيشڪ ان ۾ يقينًا نشاني آهي، انهن

إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً لِّقَوْمٍ يَتَفَكَّرُونَ ﴿١١﴾ وَسَخَّرَ لَكُمُ اللَّيْلَ وَالنَّهَارَ

ماڻهن لاءِ جيڪي سوچ ويچار کان ڪم وٺن ٿا ﴿١١﴾ ۽ (الله) توهان (جي فائدي) لاءِ رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ کي

وَالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ۖ وَالنُّجُومُ مُسَخَّرَاتٌ بِأَمْرِهِ ۗ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ

تابع ڪيو ۽ تارا بہ سندس حڪم سان تابع آهن. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي عقل کان

لَآيَاتٍ لِّقَوْمٍ يَعْقِلُونَ ﴿١٢﴾ وَمَا ذَرَأَ لَكُمْ فِي الْأَرْضِ مُخْتَلِفًا

ڪم وٺن ٿا ﴿١٢﴾ ۽ زمين ۾ توهان لاءِ مختلف رنگن (۽ شڪلين وارا جانور، وڻ ٽڻ وغيره) پيدا ڪيائين. بيشڪ ان ۾

أَلْوَانُهُ ۗ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً لِّقَوْمٍ يَذَّكَّرُونَ ﴿١٣﴾ وَهُوَ الَّذِي سَخَّرَ

وڏي نشاني آهي، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي نصيحت وٺن ٿا ﴿١٣﴾ ۽ اهو الله ئي آهي، جنهن توهان لاءِ

الْبَحْرَ لِتَأْكُلُوا مِنْهُ لَحْمًا طَرِيًّا وَتَسْتَخْرِجُوا مِنْهُ حِلْيَةً

سمنڊ کي تابع ڪيو، جيئن توهان ان مان تازو گوشت (يعني مڇي) کائو ۽ ان مان زيور (يعني موتي) ڪڍي پايو ۽

تَلْبَسُونَهَا ۚ وَتَرَى الْفُلْكَ مَوَاخِرَ فِيهِ وَلِتَبْتَغُوا مِن فَضْلِهِ

ڏسين ٿو تہ ٻيڙيون سمنڊ ۾ پاڻيءَ کي چيري هلي رهيون آهن ۽ جيئن (ٻيڙين جي وسيلي واپار ڪري)، الله جو

وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ ﴿١٤﴾ وَأَلْقَىٰ فِي الْأَرْضِ رَوَاسِيَ أَن تَمِيدَ

فضل ڳوليو ۽ مَنَ توهان (الله جي نعمتن جو) شڪر ڪريو ﴿١٤﴾ ۽ (الله) زمين ۾ مضبوط جبل کوڙيا تہ متان اها

بِكُمْ وَأَنْهَارًا وَسُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُونَ ﴿١٥﴾ وَعَلَامَاتٍ ۚ وَبِالنَّجْمِ

توهان کي ڏوڏي وجهي ۽ (منجهس) نهرون ۽ رستا ٺاهيائين مَنَ توهان سڌي واٽ تي هلو ﴿١٥﴾ ۽ (رستن ۾) نشانيون

هُمْ يَهْتَدُونَ ﴿١٦﴾ أَفَمَن يَخْلُقُ كَمَن لَّا يَخْلُقُ ۗ أَفَلَا تَذَكَّرُونَ ﴿١٧﴾

رکيائين ۽ (ماڻهو) تارن جي وسيلي بہ رستا معلوم ڪن ٿا ﴿١٦﴾ ڇا پوءِ (الله) جيڪو مخلوق کي پيدا ڪري ٿو، سو انهن (بتن ۽ باطل
معبودن) وانگر آهي، جيڪي ڪجهہ بہ پيدا نٿا ڪري سگهن؟ ڇا توهان نصيحت حاصل نٿا ڪريو ﴿١٧﴾ ۽ جيڪڏهن الله جون نعمتون

وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَاؕ اِنَّ اللّٰهَ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٨﴾

ڳڻيو ته انهن کي ڳڻي نه سگهندا. بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي (جو نا شڪريءَ جي ڪري روزي نٿو روڪي.) ﴿١٨﴾

وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ ﴿١٩﴾ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ

۽ جيڪي ڪجهه ظاهر ڪريو ٿا ۽ جيڪي ڪجهه لڪايو ٿا، الله سڀ ڄاڻي ٿو ﴿١٩﴾ ۽ (مشرڪ) الله کان سواءِ جن کي

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَخْلُقُوْنَ شَيْـًٔا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَؕ ﴿٢٠﴾ اَمْوَاتٌ

سڏين ٿا، سي ڪا به شيءِ خلقي نٿا سگهن (۽ نه خلقي سگهندا)، بلڪ اهي (پاڻ) خلقيا وڃن ٿا ﴿٢٠﴾ (رڳو) بيجان مُردا

ع ١٢ ٨ غَيْرُ اَحْيَآءٍ ۚ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ۙ اَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ ﴿٢١﴾ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ

آهن ۽ نٿا ڄاڻن ته انهن کي ڪڏهن جيئرو ڪري اٿاريو ويندو ﴿٢١﴾ ۽ توهان جو معبود هڪ الله آهي، پوءِ

وَّاحِدٌ ۚ فَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ قُلُوْبُهُمْ مُّنْكِرَةٌ وَّهُمْ

جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا رکن، تن جون (پليت) دليون انڪاري آهن ۽ اهي (حقّ کي قبول ڪرڻ کان)

مُّسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٢٢﴾ لَا جَرَمَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَؕ

وڏائي ڪندڙ آهن ﴿٢٢﴾ بيشڪ اهي جو ڪجهه لڪائين ٿا ۽ جو ڪجهه ظاهر ڪن ٿا، الله سڀ ڄاڻي ٿو. بيشڪ اهو

اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِيْنَ ﴿٢٣﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ مَّاذَآ اَنْزَلَ

(حقّ کان) تڪبر ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري ﴿٢٣﴾ ۽ جڏهن کين چيو وڃي ٿو ته توهان جي ربّ ڇا لاٿو آهي؟

رَبُّكُمْ ۙ قَالُوْٓا اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٤﴾ ۙ لِيَحْمِلُوْٓا اَوْزَارَهُمْ كَامِلَةً يَّوْمَ

چون ٿا ته اڳين جون آکاڻيون آهن ﴿٢٤﴾ (پوءِ سندن پڇاڙي اها ٿيندي ته) قيامت جي ڏينهن پنهنجن (گناهن جا)

الْقِيٰمَةِ ۙ وَمِنْ اَوْزَارِ الَّذِيْنَ يُضِلُّوْنَهُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍؕ اَلَا

بار به پورا کڻندا ۽ انهن ماڻهن جي گناهن جا بار به کڻندا، جن کي بغير علم جي گمراهه ڪن ٿا. ٻڌو ! اهي جيڪي بار

سَآءَ مَا يَزِرُوْنَ ﴿٢٥﴾ ع قَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَاَتَى اللّٰهُ

ڪٽن تا، سي ڏاڍا بڇڙا آهن ﴿٢٥﴾ بيشڪ انهن کان اڳين (ڪافرن) بہ مڪاريون ڪيون، پوءِ مٿن الله (جو حڪم يعني

بُنْيَانَهُمْ مِّنَ الْقَوَاعِدِ فَخَرَّ عَلَيْهِمُ السَّقْفُ مِنْ فَوْقِهِمْ وَ

طوفان ۽ زلزلو وغيره) آيو، جنهن سندن اڏاوتن کي پيڙهہ کان پٽي ڇڏيو، پوءِ انهن تي سندن مٿان، ڇت ڪري

اَتٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٦﴾ ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ

پئي ۽ انهن تي عذاب اتان آيو، جتان ڪين ڄاڻ بہ نہ هئي ﴿٢٦﴾ پوءِ قيامت جي ڏينهن (الله) انهن کي

يُخْزِيْهِمْ وَ يَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تُشَآقُّوْنَ

خوار ڪندو ۽ فرمائيندو تہ ڪٿي آهن توهان جا اهي شريڪ جن جي حقّ ۾ توهان (مؤمنن سان) جهڳڙو

فِيْهِمْ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ اِنَّ الْخِزْيَ الْيَوْمَ وَ السُّوْٓءَ عَلَى

ڪندا هئا؟ جن کي علم ڏنو ويو، اهي چوندا تہ بيشڪ اڄوڪي ڏينهن خواري ۽ برائي (اسان لاءِ نہ پر) ڪافرن جي

الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٧﴾ لا الَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ص

لاءِ آهي ﴿٢٧﴾ اهي (ڪافر) جن جو فرشتا پاڻ تي ظلم ڪندي ساهہ ڪڍن ٿا، پوءِ اهي (موت وقت) صلح (يعني

فَاَلْقَوُا السَّلَمَ مَا كُنَّا نَعْمَلُ مِنْ سُوْٓءٍ ؕ بَلٰٓى اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ

عاجزي ظاهر) ڪندي چوندا آهن تہ اسين برائي نہ ڪندا هئاسون. فرشتا چوندا آهن تہ هائو! بيشڪ جيڪي ڪم توهان

بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٨﴾ فَادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ

ڪندا هئا، الله تن کي ڄاڻندڙ آهي ﴿٢٨﴾ پوءِ (ڪين چيو ويندو تہ) جهنم جي دروازن مان داخل ٿيو، سدائين منجهس

فِيْهَا ؕ فَلَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٢٩﴾ وَ قِيْلَ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا

رهڻ وارا آهيو، پوءِ وڏائي ڪندڙن لاءِ يقينًا بڇڙي جاءِ آهي ﴿٢٩﴾ ۽ جن ماڻهن پرهيزگاري ڪئي، تن کي چيو ويو تہ

مَاذَآ اَنْزَلَ رَبُّكُمْ ؕ قَالُوْا خَيْرًا ؕ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا فِيْ هٰذِهِ

توهان جي ربّ (حضرت محمد ﷺ تي) ڇا لاٿو آهي؟ انهن چيو ته ڀلائي (لاٿي آهي). جن ماڻهن هن دنيا ۾ ڀلائي ڪئي (۽

الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ؕ وَلَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ ؕ وَلَنِعْمَ دَارُ الْمُتَّقِيْنَ ۙ﴿۳۰﴾

ايمان آندو) تن لاءِ چڱو ثواب آهي ۽ يقينًا آخرت جو گهر (يعني بهشت) چڱو آهي ۽ يقينًا پرهيزگارن جو گهر چڱو آهي ﴿۳۰﴾

جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ لَهُمْ فِيْهَا

(سندن لاءِ) سدائين رهڻ وارا باغ آهن، جن ۾ داخل ٿيندا. انهن (محلات ۽ وڻن) جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، اتي سندن

مَا يَشَآءُوْنَ ؕ كَذٰلِكَ يَجْزِي اللّٰهُ الْمُتَّقِيْنَ ۙ﴿۳۱﴾ الَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ

لاءِ اهو سڀ ڪجهه آهي جيڪي گهرندا. اهڙيءَ طرح الله پرهيزگارن کي بدلو ڏيندو آهي ﴿۳۱﴾ (يعني اهي پرهيزگار)

الْمَلٰٓئِكَةُ طَيِّبِيْنَ ۙ يَقُوْلُوْنَ سَلٰمٌ عَلَيْكُمُ ۙ ادْخُلُوا الْجَنَّةَ بِمَا

جن جا ساهہ فرشتا هن حالت ۾ ڪيندا آهن، جو (اهي شرڪ کان) پاڪ هوندا آهن. (کين) چوندا آهن ته

كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۳۲﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ

توهان تي سلامتي هجي (۽ سلامتيءَ جي حالت ۾ انهن نيڪ عملن جي برڪت سان) جنت ۾ داخل ٿيو، جيڪي توهان
(دنيا ۾) ڪندا هئا ﴿۳۲﴾ (ڪافر) رڳو هن ڳالهہ جو انتظار ڪري رهيا آهن ته انهن وٽ فرشتا (سندن ساهہ ڪيڻ جي لاءِ) اچن،

اَوْ يَاْتِيَ اَمْرُ رَبِّكَ ؕ كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ وَمَا

يا تنهنجي ربّ جو حڪم اچي. اهڙيءَ طرح هنن کان اڳ ۾ جيڪي (ڪافر) هئا، انهن بہ ائين ئي ڪيو ۽ الله تعالىٰ

ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿۳۳﴾ فَاَصَابَهُمْ سَيِّاٰتُ

انهن تي ظلم نہ ڪيو، پر اهي پاڻ تي پاڻ ظلم ڪندا هئا ﴿۳۳﴾ پوءِ جيڪي برائيون انهن (هن دنيا ۾) ڪيون (انهن

مَا عَمِلُوْا وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۳۴﴾ ع وَقَالَ

جو بدلو) انهن کي پهتو ۽ جيڪي ٺٺوليون ڪندا هئا، تن جي (سزا) کين وڪوڙي ورتو ﴿۳۴﴾ ۽ مشرڪن چيو ته

الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا عَبَدْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ
جيڪڏهن الله گهري ها تہ اسين ۽ اسان جا ابا ڏاڏا الله کان سواءِ ڪنهن شيءِ جي عبادت نہ ڪريون ها

نَّحْنُ وَلَآ اٰبَآؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ ؕ كَذٰلِكَ فَعَلَ
۽ نہ ٿي (الله تعاليٰ جي حرام نهرايل شين) کان سواءِ ڪنهن شيءِ کي حرام ڪريون ها. جيڪي

الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ فَهَلْ عَلَى الرُّسُلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ۝٣٥ وَ
ماڻهو هنن کان اڳ ۾ هئا، انهن بہ ائين ئي ڪيو، پوءِ پيغمبرن تي تہ رڳو پڌرو (پيغام) پهچائڻ آهي ٣٥ ۽

لَقَدْ بَعَثْنَا فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلًا اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاجْتَنِبُوا
بيشڪ اسان هر هڪ امت ۾ هڪ رسول (هن پيغام سان) موڪليو تہ الله جي عبادت ڪريو ۽ طاغوت

الطَّاغُوْتَ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ هَدَى اللّٰهُ وَمِنْهُمْ مَّنْ حَقَّتْ عَلَيْهِ
(يعني بتن جي پوڄا) کان بچو. پوءِ انهن مان ڪي آهن، جن کي الله هدايت بخشي ۽ انهن مان ڪي آهن،

الضَّلٰلَةُ ؕ فَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ
جن تي گمراهي لازم ٿي. پوءِ زمين ۾ گهمي ڦري (عبرت جي نظر سان) ڏسو تہ ڪوڙو ڪندڙن جي

الْمُكَذِّبِيْنَ ۝٣٦ اِنْ تَحْرِصْ عَلٰى هُدٰىهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ
پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ ٣٦ جيڪڏهن سندن هدايت لاءِ حرص رکين ٿو تہ پوءِ جيڪو پاڻ گمراہ ٿئي ٿو، بيشڪ الله

مَنْ يُّضِلُّ وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ۝٣٧ وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ
ان کي هدايت نہ ڏيندو آهي ۽ نڪي انهن جا ڪي مددگار آهن ٣٧ ۽ انهن الله جا قسم ڪنيا سخت

اَيْمَانِهِمْ ۙ لَا يَبْعَثُ اللّٰهُ مَنْ يَّمُوْتُ ؕ بَلٰى وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا
قسم، تہ جيڪي (ماڻهو) مرڻ وڃن ٿا، تن کي الله هرگز جيئرو نہ ڪندو. هائو! مٿس ان وعدي کي پورو

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٨﴾ لا لِيُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِیْ

ڪرڻ برحقّ (۽ لازم) آهي ۽ پر گھڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن ﴿٣٨﴾ جيئن (الله) سندن لاءِ اهي ڳالهيون روشن ڪري

يَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ وَلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰذِبِيْنَ ﴿٣٩﴾

جن ۾ (مؤمنن سان) اختلاف ڪن ٿا ۽ جيئن ڄاڻن اهي ماڻهو، جيڪي ڪافر ٿيا ته اهي ڪوڙا هئا ﴿٣٩﴾

اِنَّمَا قَوْلُنَا لِشَیْءٍ اِذَآ اَرَدْنٰهُ اَنْ نَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٤٠﴾ ع ٥

دراصل جڏهن اسين ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪندا آهيون ته ان کي چوندا آهيون ته ٿيءُ ته (اها هڪدم) ٿي پوندي آهي ﴿٤٠﴾

وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِی اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا لَنُبَوِّئَنَّهُمْ فِی

۽ جن پاڻ تي ظلم ٿيڻ کان پوءِ الله جي (واٽ) ۾ هجرت ڪئي، ضرور انهن کي دنيا ۾ ڀلائي عطا ڪنداسون ۽

الدُّنْيَا حَسَنَةً ؕ وَلَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾ لا — وقف لازم

آخرت جو اجر يقيناً گھڻو وڏو آهي، جيڪر اهي ڄاڻن (ته ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪن.) ﴿٤١﴾

الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَلٰی رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ

(يعني) جيڪي ماڻهو (مشرڪن جي ايذاءَ تي) صبر ڪن ٿا ۽ پنهنجي ربّ تي ڀروسو ڪن ٿا ﴿٤٢﴾ ۽ اسان تو کان اڳ رڳو

اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِیْٓ اِلَيْهِمْ فَسْـَٔلُوْٓا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا

مردن کي ئي رسول ڪري موڪليو، جن ڏانهن وحي ڪندا هئاسون، پوءِ جيڪڏهن توهان نٿا ڄاڻو ته ڪتاب وارن

تَعْلَمُوْنَ ﴿٤٣﴾ لا بِالْبَيِّنٰتِ وَالزُّبُرِ ؕ وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الذِّكْرَ لِتُبَيِّنَ

کان پڇو (اهي توهان کي ٻڌائيندا ته سڀ پيغمبر بشر هئا.) ﴿٤٣﴾ (جن کي اسان) روشن دليلن ۽ ڪتابن سان (موڪليو) ۽ (بيشڪ اي
رسولن جا سردار ﷺ!) اسان تو ڏانهن نصيحت لاٿي آهي، جيئن ماڻهن لاءِ بيان ڪرين انهيءَ (ڪتاب) کي، جيڪو انهن ڏانهن

لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيْهِمْ وَلَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٤٤﴾ اَفَاَمِنَ الَّذِيْنَ — النّصف

نازل ڪيو ويو آهي ۽ مَنَ اهي غور ۽ فڪر ڪن ﴿٤٤﴾ ڇا پوءِ جيڪي ماڻهو بڇڙيون تدبيرون ڪن ٿا، (يعني مڪي جا مشرڪ)

مَكَرُوا السَّيِّاٰتِ اَنْ يَّخْسِفَ اللّٰهُ بِهِمُ الْاَرْضَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ

جيڪي بتن کي پوڄين ٿا ۽ حضرت محمد ﷺ کي ڪوڙو ڪن ٿا) ، سي بيخوف آهن ته الله کين (قارون وانگر) زمين ۾ گهائي

الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٤٥﴾ اَوْ يَاْخُذَهُمْ فِيْ تَقَلُّبِهِمْ

ڇڏي يا مٿن اتان عذاب اچي جتان کين خبر به نه پوي (جيئن جنگ بدر ۾ ساڻن ٿيو) ﴿٤٥﴾ يا (واپار يا مسافري لاءِ) ايندي

فَمَا هُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿٤٦﴾ اَوْ يَاْخُذَهُمْ عَلٰى تَخَوُّفٍ ؕ فَاِنَّ رَبَّكُمْ

ويندي کين پڪڙي، پوءِ اهي (الله کي) عاجز ڪندڙ نه آهن ﴿٤٦﴾ يا کين (مالن ۽ جانين ۾ نقصان ۽) خوف سان پڪڙي، پوءِ

لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿٤٧﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اِلٰى مَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ يَّتَفَيَّؤُا

بيشڪ توهان جو ربّ يقينًا مهربان رحم ڪندڙ آهي ﴿٤٧﴾ ڇا جيڪا به شيءِ الله خلقي آهي، تنهن ڏانهن نٿا ڏسن ته ان جا پاڇا

ظِلٰلُهٗ عَنِ الْيَمِيْنِ وَالشَّمَآئِلِ سُجَّدًا لِّلّٰهِ وَهُمْ دٰخِرُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَلِلّٰهِ

ساڄي پاسي ۽ کاٻي پاسي الله کي سجدو ڪن ٿا ۽ اهي ذليل ۽ عاجزي ڪندڙ هوندا آهن ﴿٤٨﴾ ۽ آسمانن ۾ جيڪا به مخلوق

يَسْجُدُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ مِنْ دَآبَّةٍ وَّالْمَلٰٓئِكَةُ وَهُمْ

آهي ۽ زمين ۾ جيڪا به مخلوق آهي، يعني چرندڙ پرندڙ جاندار ۽ فرشتا، سڀ الله کي سجدو ڪن ٿا ۽ (سندس عبادت

لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٤٩﴾ يَخَافُوْنَ رَبَّهُمْ مِّنْ فَوْقِهِمْ وَيَفْعَلُوْنَ مَا

کان) وڏائي نٿا ڪن ﴿٤٩﴾ پنهنجي مٿان پنهنجي ربّ کان ڊڄن ٿا (ته متان کين عذاب ڪري) ۽ جيڪو حڪم کين ڪجي ٿو،

ع ٦ السجدة ٣ يُؤْمَرُوْنَ ﴿٥٠﴾ ۩ السجدة وَقَالَ اللّٰهُ لَا تَتَّخِذُوْٓا اِلٰهَيْنِ اثْنَيْنِ ۚ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ

تنهن تي عمل ڪن ٿا ﴿٥٠﴾ ۽ الله فرمايو ته ٻه خدا نه بڻايو. بيشڪ خدا ته هڪ ئي آهي، پوءِ خاص مون کان ڊڄو (جو

وَّاحِدٌ ۚ فَاِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ﴿٥١﴾ وَلَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَهُ

آءٌ ئي حقيقي معبود آهيان.) ﴿٥١﴾ ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي به شيون آهن، سڀ ان جون آهن ۽ سندس ئي دين سچو

الدِّيْنُ وَاصِبًا ۭ اَفَغَيْرَ اللّٰهِ تَتَّقُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَمَا بِكُمْ مِّنْ نِّعْمَةٍ فَمِنَ

آهي ۽ سندس لاءِ دائمي اطاعت آهي، ڇا پوءِ غير الله کان ڊڄو ٿا؟ ﴿٥٢﴾ ۽ توهان وٽ جيڪا به نعمت آهي، الله جي طرفان

اللّٰهِ ثُمَّ اِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فَاِلَيْهِ تَجْـَٔرُوْنَ ﴿٥٣﴾ ثُمَّ اِذَا كَشَفَ الضُّرَّ

آهي. پوءِ جڏهن توهان کي تڪليف ۽ تنگي پهچندي آهي ته وٽس ئي فرياد ڪندا آهيو ﴿٥٣﴾ پوءِ جڏهن توهان تان

عَنْكُمْ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْكُمْ بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُوْنَ ﴿٥٤﴾ لِيَكْفُرُوْا بِمَآ

(بيماري ۽) سختي لاهيندو آهي، ته ان وقت توهان مان هڪڙي ٽولي پنهنجي ربّ سان شرڪ ڪندي آهي ﴿٥٤﴾ جيئن

اٰتَيْنٰهُمْ ۭ فَتَمَتَّعُوْا ۫ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَيَجْعَلُوْنَ لِمَا لَا يَعْلَمُوْنَ

اسان جي ڏنل نعمتن جي ناشڪري ڪن. پوءِ (ڪجهه ڏينهن) فائدو وٺو (۽ مزا ماڻيو)، پوءِ سگهوئي (توهان انهن خوشين
جو نتيجو) ڄاڻندا ﴿٥٥﴾ ۽ اسان جي ڏنل رزق (يعني پوک ۽ جانورن مان ٻتن لاءِ) هڪ حصو مقرر ڪن ٿا، جنهن کي

نَصِيْبًا مِّمَّا رَزَقْنٰهُمْ ۭ تَاللّٰهِ لَتُسْـَٔلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ تَفْتَرُوْنَ ﴿٥٦﴾

نٿا ڄاڻن. الله جو قسم! جيڪا بهتان بازي توهان ڪريو ٿا، تنهن جي باري ۾ توهان کان ضرور پڇا ڪئي ويندي ﴿٥٦﴾

وَيَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ الْبَنٰتِ سُبْحٰنَهٗ ۙ وَلَهُمْ مَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَاِذَا

۽ (مشرڪ) الله لاءِ ڌيئرون مقرر ڪن ٿا. اهو ان کان پاڪ ۽ بيزار آهي ۽ سندن لاءِ، سندن پسند مطابق (پٽ) آهن ﴿٥٧﴾ ۽

بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّهُوَ كَظِيْمٌ ﴿٥٨﴾

جڏهن انهن مان ڪنهن کي ڌيءُ (جي پيدا ٿيڻ) جي خوشخبري ڏبي آهي، ته سندس منهن (ڪوماڻجي) ڪارو ٿي ويندو
آهي ۽ اهو ڏک سان ڀرجي ويندو آهي ﴿٥٨﴾ جيڪا خوشخبري کيس ڏبي آهي، تنهن تي (جهالت، ملامت ۽) برائي جي ڪري

يَتَوَارٰى مِنَ الْقَوْمِ مِنْ سُوْۗءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ۭ اَيُمْسِكُهٗ عَلٰي هُوْنٍ

پنهنجي قوم کان لڪندو وتندو آهي (۽ چوندو آهي ته) ان کي ذلت سان روڪي رکي يا کيس مٽيءَ ۾

اَمْ يَدُسُّهٗ فِي التُّرَابِ ۭ اَلَا سَاۗءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿٥٩﴾ لِلَّذِيْنَ

پوري ڇڏي. ٻڌو! (انهيءَ باطل سوچ ۾) اهي ڏاڍو ڪو بڇڙو فيصلو ڪن ٿا ﴿٥٩﴾ جيڪي ماڻهو آخرت کي

لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ مَثَلُ السَّوْءِ ۚ وَلِلّٰهِ الْمَثَلُ الْاَعْلٰى ؕ

نٿا مڃين، انهن لاءِ بڇڙو مثال (يعني دوزخ جو ماڳ) آهي ۽ الله بلند صفتن (يعني اخلاص ۽ توحيد) وارو آهي ۽

وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٦٠﴾ وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِظُلْمِهِمْ ع ٨ ١٤

اهوئي غالب، حڪمت وارو آهي﴿٦٠﴾ ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن کي سندن ظلم سبب پڪڙي ته (سندن ظلم جي شامت

مَّا تَرَكَ عَلَيْهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّلٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ

سبب) ڪنهن ساهواري کي زمين تي (جيئرو) نه ڇڏي ۽ پر ڪين (حضرت محمد ﷺ جن جي حرمت سبب) نهرايل

فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَ

مدّت (يعني موت) تائين مهلت ڏئي ٿو. جڏهن سندن موت ايندو ته هڪ گهڙي نه پوئتي ٿيندا ۽ نه اڳتي وڌندا ﴿٦١﴾ ۽

يَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ مَا يَكْرَهُوْنَ وَتَصِفُ اَلْسِنَتُهُمُ الْكَذِبَ اَنَّ

الله لاءِ (ڌيئرون) مقرر ڪن ٿا، جن کي پاڻ به پسند نٿا ڪن ۽ سندن زبانون ڪوڙ ڳالهائين ٿيون ته سندن لاءِ ڀلائي

لَهُمُ الْحُسْنٰى ؕ لَا جَرَمَ اَنَّ لَهُمُ النَّارَ وَاَنَّهُمْ مُّفْرَطُوْنَ ﴿٦٢﴾

(يعني پٽيلو اولاد) آهي. بيشڪ سندن لاءِ باهه آهي ۽ هيءُ ته اهي سڀ کان اڳ (دوزخ ۾) وجھ وارا آهن ﴿٦٢﴾

تَاللّٰهِ لَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَزَيَّنَ لَهُمُ

الله جو قسم! بيشڪ توکان اڳين امتن ڏانهن به پيغمبرن کي موڪليوسون، پوءِ شيطان انهن جي لاءِ سندن

الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَهُوَ وَلِيُّهُمُ الْيَوْمَ وَلَهُمْ عَذَابٌ

عملن کي سينگاري ڇڏيو، پوءِ اهو ئي اڄ به سندن دوست ۽ ساٿي آهي ۽ سندن لاءِ ڏکوئيندڙ

اَلِيْمٌ ﴿٦٣﴾ وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ اِلَّا لِتُبَيِّنَ

عذاب آهي ﴿٦٣﴾ ۽ (اي رسولن جا سردار ﷺ!) اسان توتي (هيءُ) ڪتاب (يعني قرآن) هن مقصد سان لاٿو آهي ته

لَهُمُ الَّذِى اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ۙ وَهُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ

جيئن سندن اختلافي ڳالهين کي روشن ڪرين ۽ (جيئن هيءُ قرآن) انهن ماڻهن لاءِ هدايت ۽ رحمت ٿئي،

يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَاللّٰهُ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ

جيڪي ايمان آڻين ٿا ﴿٦٤﴾ ۽ الله آسمان مان پاڻي لاهي ٿو. پوءِ ان سان مئل زمين کي زنده ڪري ٿو. بيشڪ ان ۾

٨ ع ٥ ١٤ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿٦٥﴾ ع وَاِنَّ

(اخروي حياتيءَ ۽ حشر، نشر بابت) هڪ نشاني آهي، انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي ٻڌن ٿا ﴿٦٥﴾ ۽ بيشڪ توهان

لَكُمْ فِى الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً ؕ نُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِىْ بُطُوْنِهٖ مِنْ

لاءِ جانورن ۾ (الله جي وحدت ۽ قدرت جي حجّت ۽) عبرت آهي. سندن پيٽن مان توهان کي خالص کير

بَيْنِ فَرْثٍ وَّدَمٍ لَّبَنًا خَالِصًا سَآئِغًا لِّلشّٰرِبِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَمِنْ

پياريون ٿا، جيڪو ڇيڻي ۽ رت جي وچ ۾ ۽ پيئندڙن لاءِ وڻندڙ هوندو آهي ﴿٦٦﴾ ۽ کجين ۽ انگورن جي ميون

ثَمَرٰتِ النَّخِيْلِ وَالْاَعْنَابِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْهُ سَكَرًا وَّرِزْقًا

مان شراب (يعني سرڪو، ڇوهارا ۽ ڪشمش) ۽ بهترين روزي ناهيو ٿا. بيشڪ ان ۾ يقينًا انهن ماڻهن لاءِ

حَسَنًا ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَاَوْحٰى رَبُّكَ

هڪ نشاني آهي جيڪي عقل کان ڪم وٺن ٿا ﴿٦٧﴾ ۽ تنهنجي ربّ (پنهنجي ڪامل قدرت سان) ماکيءَ

اِلَى النَّحْلِ اَنِ اتَّخِذِىْ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا وَّمِنَ الشَّجَرِ

جي مک ڏانهن وحي (يعني الهام) ڪيو تہ جبلن ۽ وڻن ۽ جن (شين مان ماڻهو) گهرن جون ڇتيون جوڙين ٿا،

وَمِمَّا يَعْرِشُوْنَ ﴿٦٨﴾ ۙ ثُمَّ كُلِىْ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ فَاسْلُكِىْ

تن ۾ پنهنجو گهر ناهہ ﴿٦٨﴾ پوءِ هر قسم جا ميوا کاءُ، پوءِ پنهنجي ربّ جي رستن تي تابعدار ٿي هل. سندس

سُبُلَ رَبِّكِ ذُلُلًا ۗ يَخْرُجُ مِنْ بُطُوْنِهَا شَرَابٌ مُّخْتَلِفٌ

پيٽ مان مختلف رنگن جي پيئڻ جي شيءِ (يعني ماکي) نڪري ٿي، جنهن ۾ ماڻهن لاءِ شفا آهي. بيشڪ

اَلْوَانُهٗ فِيْهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ ۗ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ

ان ۾ انهن ماڻهن لاءِ يقيناً هڪ نشاني آهي، جيڪي (قادر ڪريم جي قدرت ۽ الله سبحانه جي ڪاريگريءَ ۾)

يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿٦٩﴾ وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ ثُمَّ يَتَوَفّٰىكُمْ ۙ وَمِنْكُمْ

غور ۽ فڪر ڪن ٿا ﴿٦٩﴾ ۽ الله ئي توهان کي خلقيو، پوءِ اهوئي توهان کي ماري ٿو ۽ توهان مان ڪنهن

مَّنْ يُّرَدُّ اِلٰٓى اَرْذَلِ الْعُمُرِ لِكَيْ لَا يَعْلَمَ بَعْدَ عِلْمٍ

کي جهور ڪراڙپ (۽ هيٺائيءَ) جي عمر ڏانهن موٽايو وڃي ٿو، جيئن ڄاڻ کان بعد به ڪجهه نه ڄاڻي.

شَيْـًٔا ۗ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ﴿٧٠﴾ ع وَاللّٰهُ فَضَّلَ بَعْضَكُمْ ع ٩ ٥ ١٥

بيشڪ الله علم وارو، قدرت وارو آهي ﴿٧٠﴾ ۽ الله توهان مان بعض کي بعض کان وڌيڪ روزي ڏني آهي.

عَلٰى بَعْضٍ فِى الرِّزْقِ ۚ فَمَا الَّذِيْنَ فُضِّلُوْا بِرَآدِّيْ

پوءِ جن کي وڌيڪ روزي ڏني وئي آهي، اهي پنهنجي روزي پنهنجن ٻانهن ڏانهن موٽائيندڙ نه آهن، جيئن

رِزْقِهِمْ عَلٰى مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَهُمْ فِيْهِ سَوَآءٌ ۗ

(ٻانها) ان (مال) ۾ (مالڪن سان) برابر ٿين (يا ٻانها روزيءَ ۾ برابر ٿين ۽ سڀ کي روزي ڏيندڙ الله جي ذات

اَفَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ ﴿٧١﴾ وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ

آهي.) ڇا پوءِ اهي الله جي نعمت جو انڪار ڪري رهيا آهن؟ (يعني الله تعاليٰ کي ٻانهن سان برابر ڪري رهيا آهن، حالانڪ اها ڳالهه اهي ماڻهو پنهنجي لاءِ به پسند نٿا ڪن.) ﴿٧١﴾ ۽ الله تعاليٰ توهان لاءِ، توهان جي جنس مان جوڙا (يعني

اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا وَّجَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ بَنِيْنَ وَحَفَدَةً

زالون) پيدا ڪيون ۽ توهان جي گهروارين مان توهان جا پٽ ۽ پوٽا پيدا ڪيائين ۽ توهان کي پاڪ شين مان

رَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ۭ اَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ وَبِنِعْمَتِ

روزي ڏنائين. ڇا پوءِ باطل (يعني بتن) تي ايمان آڻين ٿا ۽ الله جي نعمت (يعني سندس توحيد) جا

اللّٰهِ هُمْ يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٢﴾ۙ وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا

(انڪاري ۽) ڪافر ٿين ٿا؟ ﴿٧٢﴾ ۽ الله کي ڇڏي انهن (بتن) جي عبادت ڪن ٿا، جيڪي سندن لاءِ آسمانن

يَمْلِكُ لَهُمْ رِزْقًا مِّنَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ شَيْـًٔا وَّلَا

مان (برسات) ۽ زمين مان (فصلن جي ذريعي) روزي ڏيڻ جو ڪو اختيار نٿا رکن ۽ (نه سندن ڪا ٻي مدد)

يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٧٣﴾ۚ فَلَا تَضْرِبُوْا لِلّٰهِ الْاَمْثَالَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ وَ

ڪري سگهن ٿا ﴿٧٣﴾ پوءِ الله لاءِ (مخلوق جا) مثال بيان نه ڪريو بيشڪ الله (سڀ ڪجهه) ڄاڻي ٿو ۽ توهان (سندس

اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٧٤﴾ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا عَبْدًا مَّمْلُوْكًا لَّا

قدرت ۽ عظمت کي) نٿا ڄاڻو ﴿٧٤﴾ الله هڪ زرخريد ٻانهي (جي ٻي وسيءَ) جو مثال بيان ڪري ٿو، جيڪو ڪنهن

يَقْدِرُ عَلٰي شَيْءٍ وَّمَنْ رَّزَقْنٰهُ مِنَّا رِزْقًا حَسَنًا فَهُوَ

شيءِ (يعني مال، ملڪيت ۽ ان ۾ عمل دخل جو) اختيار نٿو رکي ۽ هڪ شخص اهو آهي، جنهن کي اسان پاڻ

يُنْفِقُ مِنْهُ سِرًّا وَّجَهْرًا ۭ هَلْ يَسْتَوٗنَ ۭ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ۭ

وٽان سهڻي روزي ڏني، پوءِ ان مان ڳجهه ۽ ظاهر ۾ خرچ ڪري ٿو. ڇا (اهڙا ماڻهو پاڻ ۾) برابر ٿيندا؟ (پوءِ ڀلا خالق ۽ مخلوق
برابر ڪيئن ٿيندا؟) سڀ ساراهه الله لاءِ آهي (۽ اهو اڪيلو ساراهه ۽ عبادت جو حقدار آهي، نڪي مشرڪن جا باطل معبود)

بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾ وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلَيْنِ

بلڪ انهن مان گهڻا (يعني سڀ مشرڪ) نٿا ڄاڻن ﴿٧٥﴾ ۽ الله (تعاليٰ ڪافر ۽ مؤمن) ٻن ماڻهن جو مثال بيان ڪري

اَحَدُهُمَآ اَبْكَمُ لَا يَقْدِرُ عَلٰي شَيْءٍ وَّهُوَ كَلٌّ عَلٰي

ٿو، انهن ٻنهي مان هڪڙو شخص گونگو آهي، جيڪو (ڳالهائڻ جي) ڪا قدرت نٿو رکي ۽ اهو پنهنجي مالڪ

مَوْلٰىهُ ۙ اَيْنَمَا يُوَجِّهْهُّ لَا يَاْتِ بِخَيْرٍ ؕ هَلْ يَسْتَوِىْ

جي مٿان چٽي ۽ وبال آهي. جنهن به طرف کيس موڪلي ٿو، (اتان) ڪا به ڀلائي نٿو آڻي. ڇا اهو ماڻهو ۽ اهو

هُوَ ۙ وَمَنْ يَّاْمُرُ بِالْعَدْلِ ۙ وَهُوَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٧٦﴾ ع ١٠ ١٦

شخص پاڻ ۾ برابر ٿيندا، جيڪو (توحيد ۽) انصاف سان حڪم ڪري ۽ اهو پاڻ به سڌي رستي تي هجي ﴿٧٦﴾

وَ لِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ مَاۤ اَمْرُ السَّاعَةِ

۽ آسمانن ۽ زمين جو ڳجهه الله ئي ڄاڻي ٿو ۽ قيامت جي اچڻ جو حڪم اک ڇنڀ وانگر يا ان کان به وڌيڪ

اِلَّا كَلَمْحِ الْبَصَرِ اَوْ هُوَ اَقْرَبُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ

ويجهو آهي، (جڏهن به الله گهرندو ان کي آڻيندو.) بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو

قَدِيْرٌ ﴿٧٧﴾ وَاللّٰهُ اَخْرَجَكُمْ مِّنْۢ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ

آهي ﴿٧٧﴾ ۽ الله تعاليٰ توهان کي توهان جي مائرن جي پيٽن مان ٻاهر ڪڍيو، توهان ڪجهه به نه

شَيْـًٔا ۙ وَّ جَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ الْاَفْـِٕدَةَ ۙ

ڄاڻندا هئا ۽ توهان کي ڪَنَ ۽ اکيون ۽ دليون عطا ڪيائين، مَنَ توهان (الله جي انهن نعمتن جو قدر ۽)

لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٨﴾ اَلَمْ يَرَوْا اِلَى الطَّيْرِ مُسَخَّرٰتٍ فِیْ جَوِّ

شڪر ڪريو ﴿٧٨﴾ ڇا انهن آسمان جي فضا ۾ تابع ٿيل پکين ڏانهن نه ڏٺو آهي؟ انهن کي الله کان سواءِ ڪو

السَّمَآءِ ؕ مَا يُمْسِكُهُنَّ اِلَّا اللّٰهُ ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ

به نٿو روڪي. بيشڪ ان ۾ انهن ماڻهن لاءِ يقينًا نشانيون آهن، جيڪي (انهن جي خالق، خدا تعاليٰ تي)

لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٧٩﴾ وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْۢ بُيُوْتِكُمْ سَكَنًا

ايمان آڻين ٿا ﴿٧٩﴾ ۽ الله تعاليٰ توهان جي گهرن کي توهان جي آرام جو هنڌ بڻايو آهي ۽ (جانورن جي)

وَّ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ جُلُوْدِ الْاَنْعَامِ بُيُوْتًا تَسْتَخِفُّوْنَهَا

کلن مان توهان لاءِ گهرن (يعني تنبن) جو بندوبست ڪيائين، جن کي هلڪي هئڻ سبب پنهنجي مسافريءَ

يَوْمَ ظَعْنِكُمْ وَيَوْمَ اِقَامَتِكُمْ ۙ وَمِنْ اَصْوَافِهَا وَاَوْبَارِهَا

جي ڏينهن ۾ ۽ پنهنجي قيام جي ڏينهن ۾ به استعمال ڪريو ٿا ۽ (پڻ) ٻڪرين جي ڏاس ۽ اٺن جي ڏاس ۽ رڍن

وَاَشْعَارِهَآ اَثَاثًا وَّمَتَاعًا اِلٰى حِيْنٍ ﴿٨٠﴾ وَاللّٰهُ جَعَلَ

جي ڏاس مان هڪ مدّت تائين ڪم ايندڙ سامان ۽ فائدي جون شيون ٺاهيو ٿا ﴿٨٠﴾ ۽ الله توهان لاءِ پنهنجي پيدا

لَكُمْ مِّمَّا خَلَقَ ظِلٰلًا وَّجَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْجِبَالِ اَكْنَانًا

ڪيل شين مان پاڇا ٺاهيا ۽ توهان لاءِ جبلن ۾ چُرون ٺاهيائين ۽ توهان لاءِ گرميءَ (۽ سرديءَ) کان بچاءَ

وَّجَعَلَ لَكُمْ سَرَابِيْلَ تَقِيْكُمُ الْحَرَّ وَسَرَابِيْلَ تَقِيْكُمْ

لاءِ ڪپڙن جو بندوبست ڪيائين ۽ جنگ جي حالت ۾ توهان جي بچاءَ لاءِ لباس جو بندوبست ڪيائين.

بَاْسَكُمْ ۭ كَذٰلِكَ يُتِمُّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْلِمُوْنَ ﴿٨١﴾

اهڙي طرح (الله تعاليٰ) توهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪري ٿو ته مَنَ توهان فرمانبردار ٿيو ﴿٨١﴾

فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٨٢﴾ يَعْرِفُوْنَ

پوءِ جيڪڏهن منهن موڙين ٿا ته دراصل تو تي پڌرو پيغام پهچائڻ کان سواءِ (ڪجهه) نه آهي ﴿٨٢﴾ الله جي نعمت کي سڃاڻن

ع ١١ ١٤ نِعْمَتَ اللّٰهِ ثُمَّ يُنْكِرُوْنَهَا وَاَكْثَرُهُمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٣﴾ ع وَيَوْمَ

ٿا، پوءِ به ان جو انڪار ڪن ٿا (۽ سڀ کان وڏي نعمت حضرت محمد ﷺ جن جي نبوّت آهي) ۽ انهن مان گهڻا ڪافر آهن ﴿٨٣﴾ ۽

نَبْعَثُ مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا ثُمَّ لَا يُؤْذَنُ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا

(ياد ڪر جنهن) ڏينهن هر امت مان هڪ شاهدي ڏيندڙ (پيغمبر) کي اٿاريندا سون پوءِ ڪافرن کي (ڳالهائڻ جي)

وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَاِذَا رَاَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الْعَذَابَ فَلَا

اجازت نہ ڏني ويندي ۽ نہ سندن عذر قبول ڪيو ويندو ﴿٨٤﴾ ۽ جڏهن ظالم (قيامت جي ڏينهن) عذاب کي ڏسندا، پوءِ

يُخَفَّفُ عَنْهُمْ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٨٥﴾ وَاِذَا رَاَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا

نہ انهن تان (عذاب) هلڪو ڪيو ويندو ۽ نہ ڪين مهلت ڏني ويندي ﴿٨٥﴾ ۽ جڏهن مشرڪ پنهنجن شريڪن کي ڏسندا،

شُرَكَآءَهُمْ قَالُوْا رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ شُرَكَآؤُنَا الَّذِيْنَ كُنَّا نَدْعُوْا

چوندا تہ ربّ اسان جا! اهي ئي اسان جا شريڪ آهن، جن کي تو کان سواءِ سڏيندا هئاسون. پوءِ (سندن پائيوار

مِنْ دُوْنِكَ ۚ فَاَلْقَوْا اِلَيْهِمُ الْقَوْلَ اِنَّكُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٨٦﴾ ج الثلثة

ڪين جواب ۾ هيءَ)ڳالهہ چوندا تہ بيشڪ توهان ڪوڙا آهيو (۽ اسان کي توهان جي پوڄا جي ڪا خبر نہ آهي.) ﴿٨٦﴾

وَاَلْقَوْا اِلَى اللّٰهِ يَوْمَئِذِنِ السَّلَمَ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا

۽ انهيءَ ڏينهن اهي الله جي حڪم جي آڏو عاجزي ڪندا ۽ جيڪا بهتان بازي اهي (دنيا ۾) ڪن ٿا، سا انهن کان

يَفْتَرُوْنَ ﴿٨٧﴾ اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

گم ٿي ويندي ﴿٨٧﴾ جيڪي ماڻهو ڪافر ٿيا ۽ (ٻين کي) الله جي واٽ کان روڪيائون، تن لاءِ (باه جي) عذاب

زِدْنٰهُمْ عَذَابًا فَوْقَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يُفْسِدُوْنَ ﴿٨٨﴾ وَ

مٿان (نانگن ۽ وڇن جو) عذاب وڌائينداسون، ڇاڪاڻ تہ اهي (دنيا ۾) فساد ڪندا هئا ﴿٨٨﴾ ۽ (اي رسولن جا سردار

يَوْمَ نَبْعَثُ فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا عَلَيْهِمْ مِّنْ اَنْفُسِهِمْ

ﷺ! ياد ڪر اهو) ڏينهن، جڏهن هر امت مان هڪ شاهدي ڏيندڙ (پيغمبر) کي آڻينداسون ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!)

وَجِئْنَا بِكَ شَهِيْدًا عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ ط وَنَزَّلْنَا عَلَيْكَ

انهن تي تو کي شاهد بڻائي پيش ڪنداسون ۽ (اي محمد ﷺ! نيڪي ۽ برائي جي هر ڪم ڪي)

الْكِتٰبَ تِبْيَانًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً وَّبُشْرٰى

بيان ڪرڻ لاءِ اسان توتي ڪتاب (يعني قرآن) لاٿو ۽ (اهو) مسلمانن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت ۽ خوشخبري

ع ١٢ ١٨ لِلْمُسْلِمِيْنَ ع ﴿٨٩﴾ اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَآئِ ذِي

آهي ﴿٨٩﴾ بيشڪ الله (ٻانهن کي) انصاف (يعني توحيد) ۽ احسان ڪرڻ ۽ مٽن مائٽن کي (مالي مدد) ڏيڻ جو

الْقُرْبٰى وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ ج يَعِظُكُمْ

حڪم ڪري ٿو ۽ زنا ۽ برائي (۽ شرڪ ۽ ٻين ڪبيرن گناهن) ۽ ظلم کان روڪي ٿو. توهان کي نصيحت ڪري ٿو،

لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٩٠﴾ وَاَوْفُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ اِذَا عٰهَدْتُّمْ

مَنَ توهان نصيحت حاصل ڪريو ﴿٩٠﴾ ۽ جڏهن الله سان (شريعت مطابق) عهد ڪريو ته ان کي پورو ڪريو ۽

وَلَا تَنْقُضُوا الْاَيْمَانَ بَعْدَ تَوْكِيْدِهَا وَقَدْ جَعَلْتُمُ اللّٰهَ

(پاڻ ۾) قسمن جي پڪي ٿيڻ کان بعد انهن کي نه ٽوڙيو ۽ توهان الله کي پنهنجو ضامن ڪري چڪا آهيو.

عَلَيْكُمْ كَفِيْلًا ط اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٩١﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا

بيشڪ جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، تن کي الله ڄاڻي ٿو ﴿٩١﴾ ۽ (وعدي ۽ قسم جي پيچڪڙيءَ ۾ ان بيعقل) عورت

كَالَّتِيْ نَقَضَتْ غَزْلَهَا مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ اَنْكَاثًا ط تَتَّخِذُوْنَ

وانگر نه ٿيو، جيڪا محنت سان سٽ ڪتي (۽) ان جي پڪي پختي ٿيڻ کان پوءِ ان کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏي. توهان

اَيْمَانَكُمْ دَخَلًۢا بَيْنَكُمْ اَنْ تَكُوْنَ اُمَّةٌ هِيَ اَرْبٰى مِنْ

پنهنجن قسمن کي هن ڳالهه لاءِ حيلو بڻايوٿا ته هڪ ٽولي ٻي ٽوليءَ کان (مال ۽ مرتبي ۾ زور ۽) وڌيڪ ٿئي.

اُمَّةٍ ط اِنَّمَا يَبْلُوْكُمُ اللّٰهُ بِهٖ ط وَلَيُبَيِّنَنَّ لَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ

دراصل الله توهان کي ان (نيڪي جي حڪم ڪرڻ ۽ برائي جي روڪڻ) سان آزمائي ٿو ۽ جنهن شيءِ ۾ توهان اختلاف

مَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٩٢﴾ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً

ڪريو ٿا، قيامت جي ڏينهن ضرور توهان تي (ان جي حقيقت) روشن ڪندو ﴿٩٢﴾ ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ يقيناً

وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ يُّضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ

توهان سڀني کي هڪڙي (مؤمن) امت ڪري ها ۽ پر (اهو) جنهن کي گهري ٿو، گمراه ڪري ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو، هدايت
بخشي ٿو (۽ الله تعاليٰ جيڪي ڪجھ ڪري ٿو، ان جي باري ۾ ان کان پڇا ٿيڻ واري نہ آهي) ۽ جيڪي ڪم توهان (هن دنيا ۾)

وَلَتُسْـَٔلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾ وَلَا تَتَّخِذُوْٓا اَيْمَانَكُمْ

ڪريو ٿا، تن جي باري ۾ ضرور توهان کان پڇاڻو ٿيندو ﴿٩٣﴾ ۽ (اي مؤمنو!) پنهنجن قسمن کي پاڻ ۾ فريب ۽

دَخَلًا بَيْنَكُمْ فَتَزِلَّ قَدَمٌۢ بَعْدَ ثُبُوْتِهَا وَتَذُوْقُوا السُّوْٓءَ

خيانت جو ذريعو نہ بڻايو. پوءِ قسمن جي پڪي پختي ٿيڻ کان بعد (توهان جا) قدم ترڪي پوندا ۽ (ماڻهن کي)

بِمَا صَدَدْتُّمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ وَلَكُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٩٤﴾

الله جي واٽ کان روڪڻ سبب توهان کي بڇڙي (سزا) چکڻي پوندي ۽ توهان کي وڏو عذاب ڏسڻو پوندو ﴿٩٤﴾

وَلَا تَشْتَرُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ اِنَّمَا عِنْدَ اللّٰهِ

۽ الله جي عهد کي ٿوري ملھ (يعني دنياوي سامان) جي بدلي ۾ نہ وڪڻو، بيشڪ جيڪي (نعمتون ۽ جيڪو ثواب) الله

هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٥﴾ مَا عِنْدَكُمْ يَنْفَدُ وَ

وٽ آهي، اهو توهان لاءِ وڌيڪ چڱو آهي، جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا ﴿٩٥﴾ توهان وٽ جيڪو (دنياوي سامان) آهي،

مَا عِنْدَ اللّٰهِ بَاقٍ ؕ وَلَنَجْزِيَنَّ الَّذِيْنَ صَبَرُوْٓا اَجْرَهُمْ

سو ختم ٿي ويندو ۽ الله وٽ جيڪو (ثواب ۽ عزت) آهي، باقي رهندڙ آهي ۽ ضرور انهن ماڻهن کي سندن

بِاَحْسَنِ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ

ڪمن جو سهڻو بدلو ڏينداسون، جيڪي (دين تي هلڻ تا ۽) صبر ڪن ٿا ﴿٩٦﴾ مرد هجي يا عورت جيڪو بہ چڱا ڪم

اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً ۚ وَلَنَجْزِيَنَّهُمْ

کندو ۽ اهو مؤمن بہ هوندو، تنهن کي ضرور سٺي زندگي (يعني حلال رزق ، قناعت ، اطاعت، سهڻو اخلاق ۽

اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٧﴾ فَاِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ

صالح اولاد) ڏينداسون ۽ جيکي کم اهي کن ٿا، تن جو ضرورکين سهڻو بدلو ڏينداسون ﴿٩٧﴾ پوءِ جڏهن

فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿٩٨﴾ اِنَّهٗ لَيْسَ لَهٗ سُلْطٰنٌ

قرآن پڙهڻ (شروع) کرين تہ تڙيل شيطان کان الله جي پناهہ گهر ﴿٩٨﴾ بيشک جن ماڻهن ايمان آندو ۽

عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٩٩﴾ اِنَّمَا سُلْطٰنُهٗ

پنهنجي ربّ تي ڀروسو کن ٿا، تن تي سندس کا حجت ۽ کو زور نہ آهي ﴿٩٩﴾ سندس زور ۽ غلبو تہ انهن ماڻهن

ع ١٣ ١١ ١٩ عَلَى الَّذِيْنَ يَتَوَلَّوْنَهٗ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِهٖ مُشْرِكُوْنَ ﴿١٠٠﴾

تي آهي، جيکي کيس پنهنجو دوست بڻائين ٿا ۽ اهي ان جي (دوستي ۽ تابعداريءَ سبب) مشرک آهن ﴿١٠٠﴾

وَاِذَا بَدَّلْنَآ اٰيَةً مَّكَانَ اٰيَةٍ ۙ وَّاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُنَزِّلُ

۽ جڏهن اسان (مصلحت هيٺ) هک آيت کي بدلائي ٻي آيت آڻيون ٿا ۽ الله جيکي کجهہ نازل کري ٿو، ان کي وڌيک

قَالُوْٓا اِنَّمَآ اَنْتَ مُفْتَرٍ ۭ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠١﴾

ڄاڻي ٿو، (کافر) چون ٿا تہ در اصل تون بهتان باز آهين، بلک انهن مان گهڻا (نسخ جي فائدي کي) نٿا ڄاڻن ﴿١٠١﴾

قُلْ نَزَّلَهٗ رُوْحُ الْقُدُسِ مِنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ لِيُثَبِّتَ الَّذِيْنَ

(اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ تہ هن (قرآن) کي تنهنجي ربّ جي طرفان پاک روح (جبرئيل عليه السلام) حقّ سان لاٿو آهي،

اٰمَنُوْا وَهُدًى وَّبُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٠٢﴾ وَلَقَدْ نَعْلَمُ

جيئن ايمان وارن کي ثابت قدم رکي ۽ مسلمانن لاءِ هدايت ۽ خوشخبري آهي ﴿١٠٢﴾ ۽ بيشک اسين ڄاڻون ٿا تہ

اَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ اِنَّمَا يُعَلِّمُهٗ بَشَرٌ ؕ لِسَانُ الَّذِيْ

اهي چون ٿا تہ دراصل هن کي (يعني حضرت محمد ﷺ جن کي شريعت) هڪ شخص سيکاري ٿو. جنهن ڏانهن اها

يُلْحِدُوْنَ اِلَيْهِ اَعْجَمِيٌّ وَّهٰذَا لِسَانٌ عَرَبِيٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٠٣﴾

نسبت کن ٿا، ان جي زبان عجمي (۽ غير فصيح) آهي ۽ هيءُ (قرآن صاف ۽) پڌري عربي ٻوليءَ ۾ آهي ﴿١٠٣﴾

اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۙ لَا يَهْدِيْهِمُ

بيشڪ جيڪي ماڻهو الله جي آيتن تي ايمان نٿا آڻين، تن کي الله هدايت عطا نٿو ڪري ۽ انهن جي

اللّٰهُ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٠٤﴾ اِنَّمَا يَفْتَرِي الْكَذِبَ

لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿١٠٤﴾ دراصل ڪوڙو بهتان اهي ئي ماڻهو هڻندا آهن، جيڪي الله جي آيتن تي ايمان نہ

الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿١٠٥﴾

آڻيندا آهن ۽ (حضرت محمد ﷺ جن هرگز ڪوڙ نٿا چون، پر) اهي (بهتان باز) ماڻهو پاڻ ڪوڙا آهن ﴿١٠٥﴾

مَنْ كَفَرَ بِاللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ اِيْمَانِهٖۤ اِلَّا مَنْ اُكْرِهَ

جيڪو شخص ايمان آڻڻ کان پوءِ الله جو ڪفر ڪندو، سواءِ ان جي جو ڪنهن کان زور زبردستيءَ سان ڪفر ڪرايو

وَقَلْبُهٗ مُطْمَئِنٌّۢ بِالْاِيْمَانِ وَلٰكِنْ مَّنْ شَرَحَ بِالْكُفْرِ

وڃي ۽ سندس دل ايمان تي مطمئن (۽ محڪم) هجي، بلڪ جيڪو شخص (پنهنجي پليت) دل کي

صَدْرًا فَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ مِّنَ اللّٰهِ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٠٦﴾

کولي ڪفر ڪندو تہ اهڙن ئي ماڻهن تي الله جو ڏمر آهي ۽ انهن جي لاءِ وڏو عذاب آهي ﴿١٠٦﴾

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اسْتَحَبُّوا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ

اهو هن ڪري آهي جو انهن آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي حياتيءَ کي ترجيح ڏني ۽ هن ڪري بہ تہ

لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۱۰۷﴾ اُولٰٓـئِكَ الَّذِيۡنَ طَبَعَ اللّٰهُ

الله ڪافر قوم کي هدايت نہ ڪندو آهي ﴿۱۰۷﴾ اِهي ئي اهي ماڻهو آهن (جو) انهن جي دلين

عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ وَسَمۡعِهِمۡ وَاَبۡصَارِهِمۡ‌ ۚ وَاُولٰٓـئِكَ هُمُ

۽ انهن جي ڪنن ۽ انهن جي اکين تي الله تعاليٰ مهر هڻي ڇڏي آهي ۽ اهي ئي (پنهنجي عاقبت کان)

الۡغٰفِلُوۡنَ ﴿۱۰۸﴾ لَا جَرَمَ اَنَّهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿۱۰۹﴾

غفلت ۾ پيل آهن ﴿۱۰۸﴾ ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اهي ئي ماڻهو آخرت ۾ نقصان (۽ خساري) وارا آهن ﴿۱۰۹﴾

ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيۡنَ هَاجَرُوۡا مِنۡۢ بَعۡدِ مَا فُتِنُوۡا ثُمَّ

پوءِ بيشڪ تنهنجو ربّ انهن ماڻهن لاءِ جن (مڪي ۾) ايذاءَ سهڻ کان بعد هجرت ڪئي، پوءِ (پيغمبر سان گڏجي)

١٤ ع ٢٠ جٰهَدُوۡا وَصَبَرُوۡۤا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنۡۢ بَعۡدِهَا لَـغَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۱۱۰﴾ ع

جهاد ڪيائون ۽ (دين تي) صبر ڪيائون، انهيءَ کان بعد تنهنجو ربّ يقينًا بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ﴿۱۱۰﴾

يَوۡمَ تَاۡتِىۡ كُلُّ نَفۡسٍ تُجَادِلُ عَنۡ نَّـفۡسِهَا وَتُوَفّٰى كُلُّ نَفۡسٍ

(اي محمد ﷺ!) پنهنجي امت کي ڏيچار انهيءَ ڏينهن کان، جڏهن هر شخص پنهنجي لاءِ جهڳڙو ڪندو ايندو

مَّا عَمِلَتۡ وَهُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ ﴿۱۱۱﴾ وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا قَرۡيَةً

يعني پنهنجي بچاءَ لاءِ حجت آڻيندو). هر شخص (دنيا ۾) جيڪي ڪم ڪيا آهن، تن جو ڪيس پورو بدلو ڏنو ويندو ۽
انهن تي ڪو ظلم نہ ڪيو ويندو ﴿۱۱۱﴾ ۽ الله هڪ ڳوٺ جو مثال بيان ڪري ٿو (جتان جا رهندڙ فساد، فتني کان) امن ۽

كَانَتۡ اٰمِنَةً مُّطۡمَـئِنَّةً يَّاۡتِيۡهَا رِزۡقُهَا رَغَدًا مِّنۡ كُلِّ

اطمينان سان رهڻ وارا هئا. وٽن هر هنڌ کان ڪشادگي ۽ آسانيءَ سان سندس رزق ايندو هو، پوءِ الله

مَكَانٍ فَكَفَرَتۡ بِاَنۡعُمِ اللّٰهِ فَاَذَاقَهَا اللّٰهُ لِبَاسَ الۡجُـوۡعِ

جي نعمتن جا ڪافر ٿيا. پوءِ الله سندن ڪرتوتن (يعني محمد ﷺ کي ڪوڙو ڪرڻ ۽ مڪي مان ڪڍي ڇڏڻ) سبب

وَالْخَوْفِ بِمَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ ﴿١١٢﴾ وَلَقَدْ جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مِّنْهُمْ

ڪين بک ۽ (اسلامي لشڪر جي) خوف جو ويس ڍڪايو ﴿١١٢﴾ ۽ بيشڪ وٽن انهن مان (يعني سندن نسب مان) هڪ رسول

فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَهُمُ الْعَذَابُ وَهُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿١١٣﴾ فَكُلُوْا مِمَّا

(محمد ﷺ) آيو، پوءِ ڪيس ڪوڙو ڪيائون. پوءِ ڪين عذاب (يعني ڏڪار) پڪڙيو ۽ اهي ظالم هئا ﴿١١٣﴾ پوءِ الله تعاليٰ

رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ص وَّاشْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ اِنْ

توهان کي (غنيمتن مان) جيڪا حلال ۽ پاڪ روزي ڏني آهي، اها کائو ۽ الله جي نعمتن جو شڪر ڪريو،

كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿١١٤﴾ اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَ

جيڪڏهن توهين خاص ان جي ئي عبادت ڪريو ٿا ﴿١١٤﴾ بيشڪ (الله تعاليٰ) توهان تي مئل جانور ۽ رت ۽ سوئر جو

الدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ج فَمَنِ

گوشت ۽ اهي شيون حرام ڪيون آهن، جن تي غير الله جو نالو ورتو وڃي. پوءِ (جيڪڏهن) ڪو لاچار ٿي (اهي

اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٥﴾ وَ

شيون کائي)، نه ظلم ڪندڙ ۽ نه حد کان لنگهندڙ هجي ته پوءِ بيشڪ الله بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ﴿١١٥﴾ ۽

لَا تَقُوْلُوْا لِمَا تَصِفُ اَلْسِنَتُكُمُ الْكَذِبَ هٰذَا حَلٰلٌ وَّهٰذَا

پنهنجين زبانن سان ڪوڙ گهڙي نه چوندا ڪريو ته هيءُ حلال آهي ۽ هيءُ حرام آهي، جيئن (حلال ۽

حَرَامٌ لِّتَفْتَرُوْا عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ط اِنَّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ

حرام جي باري ۾) الله تعاليٰ تي ڪوڙو بهتان هڻو. بيشڪ جيڪي ماڻهو الله تي ڪوڙو بهتان هڻندا آهن،

عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُوْنَ ﴿١١٦﴾ ط مَتَاعٌ قَلِيْلٌ ص وَّلَهُمْ

اهي ڪامياب نه ٿيندا آهن ﴿١١٦﴾ (سندن لاءِ دنيا جي هن زندگيءَ جو معمولي ۽) ٿورو سامان آهي ۽ سندن لاءِ

عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١١٧﴾ وَعَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا مَا قَصَصْنَا

ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿١١٧﴾ ۽ جيڪي ماڻهو يهودي ٿيا، اسان انهن تي اهي شيون حرام ڪيون،

عَلَيْكَ مِنْ قَبْلُ ۚ وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ

جيڪي توکي اڳ (سورة الانعام) ۾ بيان ڪري ٻڌايون آهن ۽ اسان مٿن ظلم نه ڪيو، پر پاڻ تي پاڻ ظلم

يَظْلِمُوْنَ ﴿١١٨﴾ ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيْنَ عَمِلُوا السُّوْٓءَ بِجَهَالَةٍ

ڪندا هئا ﴿١١٨﴾ پوءِ بيشڪ تنهنجو ربّ، جن ناداني ءَ سان برا ڪم ڪيا، ان ڪان پوءِ توبه تائب ٿيا ۽

ثُمَّ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَاَصْلَحُوْٓا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ

پنهنجي اصلاح ڪيائون، انهي ءَ (توبه ۽ ناداني ءَ) کان بعد، تنهنجو ربّ انهن لاءِ يقيناً بخشڻهار

بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٩﴾ ۧ اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ كَانَ اُمَّةً قَانِتًا

رحم ڪندڙ آهي ﴿١١٩﴾ بيشڪ ابراهيم (عليه السلام) عام ڀلائي جي ڪمن کي گڏ ڪندڙ، امام) ۽ الله جو فرمانبردار،

لِّلّٰهِ حَنِيْفًا ؕ وَلَمْ يَكُ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٢٠﴾ ۙ شَاكِرًا لِّاَنْعُمِهٖ ؕ

(يعني باطل کي ڇڏي حقّ ڏانهن) متوجّه ٿيندڙ هو ۽ مشرڪن مان نه هو ﴿١٢٠﴾ الله جي نعمتن جو شڪر ڪندڙ هو.

اِجْتَبٰهُ وَهَدٰىهُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٢١﴾ وَاٰتَيْنٰهُ فِى الدُّنْيَا

الله کيس چونڊيو ۽ کيس هدايت واري سڌي واٽ ڏيکاري ﴿١٢١﴾ ۽ کيس دنيا ۾ ڀلائي (يعني نبوت ۽ ماڻهن ۾ چڱو

حَسَنَةً ؕ وَاِنَّهٗ فِى الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٢٢﴾ ؕ ثُمَّ اَوْحَيْنَآ

نالو) عطا ڪيوسون ۽ بيشڪ اهو آخرت ۾ به صالحن مان آهي ﴿١٢٢﴾ (انهن فضيلتن کان سواءِ) پوءِ (اي محمّد ﷺ!)

اِلَيْكَ اَنِ اتَّبِعْ مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ

توڏانهن وحي موڪليوسون ته مخلص ٿي (خاص ڪري حج جي حڪمن ۾) ابراهيم حنيف جي ملت جي پيروي

الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٢٣﴾ اِنَّمَا جُعِلَ السَّبْتُ عَلَى الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ط

کر ۽ اهو مشرڪن مان نہ هو ﴿١٢٣﴾ بيشڪ ڇنڇر جي ڏينهن (جي فضيلت) انهن تي فرض ڪئي وئي، جن

وَاِنَّ رَبَّكَ لَيَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ

ان جي باري ۾ اختلاف ڪيو ۽ بيشڪ تنهنجو ربّ ضرور قيامت جي ڏينهن سندن اختلافي ڳالهين ۾

يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٢٤﴾ اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ

فيصلو فرمائيندو ﴿١٢٤﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) پنهنجي ربّ جي رستي ڏانهن حڪمت ۽ سهڻي نصيحت سان سڏ ۽ ڪين سهڻي

الْحَسَنَةِ وَجَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ط اِنَّ رَبَّكَ هُوَ

طريقي سان سمجهاءِ (يعني ڪين معاف ڪر ۽ سندن سمجهہ مطابق ڳالهاءِ.) بيشڪ تنهنجو ربّ وڌيڪ ڄاڻي ٿو، انهيءَ

اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿١٢٥﴾ وَاِنْ

شخص کي بہ، جيڪو سندس واٽ کان گمراھ ٿيو ۽ هدايت تي هلندڙن (جي حال) کي بہ وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ﴿١٢٥﴾ ۽

عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوْا بِمِثْلِ مَا عُوْقِبْتُمْ بِهٖ ط وَلَئِنْ صَبَرْتُمْ

جيڪڏهن توهان سزا ڏيڻ ۽ بدلو وٺڻ گهرو ٿا تہ اوترو ئي بدلو وٺو، جيترو توهان کي ايذايو ويو آهي ۽ جيڪڏهن توهان
صبر کان ڪم وٺندا (۽ واسطيدار ماڻهوءَ کي معاف ڪري ڇڏيندا) تہ بيشڪ صبر ڪندڙن لاءِ اهو ئي طريقو وڌيڪ چڱو

لَهُوَ خَيْرٌ لِّلصّٰبِرِيْنَ ﴿١٢٦﴾ وَاصْبِرْ وَمَا صَبْرُكَ اِلَّا بِاللّٰهِ

آهي ﴿١٢٦﴾ ۽ صبر کان ڪم وٺ ۽ تنهنجو صبر رڳو الله جي توفيق سان آهي ۽ انهن تي غم نہ ڪر ۽ جيڪي

وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَلَا تَكُ فِيْ ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُوْنَ ﴿١٢٧﴾

مڪاريون اهي (مشرڪ) ڪري رهيا آهن (۽ پڻ انهن جي تڪذيب ۽ تڪليف ڏيڻ تي هرگز) تنگدل نہ ٿيءُ ﴿١٢٧﴾

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّالَّذِيْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ ﴿١٢٨﴾ ع

بيشڪ الله تعاليٰ انهن ماڻهن سان گڏ آهي، جيڪي پرهيزگاري ڪندا آهن ۽ اهي نيڪي ڪندڙ بہ آهن ﴿١٢٨﴾

اٰیَاتُهَا ۱۱۱ (۱۷) سُوۡرَۃُ بَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ مَکِّیَّۃٌ (۵۰) رُکُوۡعَاتُهَا ۱۲

سورة بني اسرائيل مڪي آهي. هن ۾ هڪ سو يارهن آيتون ۽ ٻارهن رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ○

الله جي نالي جو وسيلو وٺان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ ، رحم ڪندڙ آهي.

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡۤ اَسۡرٰی بِعَبۡدِهٖ لَیۡلًا مِّنَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ اِلَی

(هر عيب کان) پاڪ آهي الله، جيڪو پنهنجي (خاص) ٻانهي کي هڪ راتِ مسجد حرام کان مسجد اقصا (بيت المقدس) ونئي

الۡمَسۡجِدِ الۡاَقۡصَا الَّذِیۡ بٰرَکۡنَا حَوۡلَهٗ لِنُرِیَهٗ مِنۡ اٰیٰتِنَا ؕ اِنَّهٗ هُوَ

ويو، جنهن جي چوڌاري اسان برڪتون (يعني پاڻيءَ جا چشما ۽ ميون جا باغ) رکيا آهن، جيئن کيس پنهنجيون نشانيون

السَّمِیۡعُ الۡبَصِیۡرُ ① وَ اٰتَیۡنَا مُوۡسَی الۡکِتٰبَ وَ جَعَلۡنٰهُ هُدًی لِّبَنِیۡۤ

ڏيکاريون. بيشڪ الله ٻڌندڙ، ڏاٺندڙ آهي ① ۽ موسيٰ (عليه السلام) کي ڪتاب (توريت) ڏنوسون ۽ ان کي بني اسرائيل لاءِ هدايت

اِسۡرَآءِیۡلَ اَلَّا تَتَّخِذُوۡا مِنۡ دُوۡنِیۡ وَکِیۡلًا ؕ ② ذُرِّیَّۃَ مَنۡ حَمَلۡنَا مَعَ

جو ذريعو بڻايوسون (۽ چيوسون ته) مون کان سواءِ ڪنهن کي معبود نه بڻايو ② اسان جن ماڻهن کي نوح سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ سوار

نُوۡحٍ ؕ اِنَّهٗ کَانَ عَبۡدًا شَکُوۡرًا ③ وَ قَضَیۡنَاۤ اِلٰی بَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ فِی

ڪيو (۽ بچايو هو، موسيٰ به) انهن جي اولاد مان آهي، بيشڪ اهو شڪرگذار ٻانهو هو ③ ۽ اسان بني اسرائيل لاءِ ڪتاب

الۡکِتٰبِ لَتُفۡسِدُنَّ فِی الۡاَرۡضِ مَرَّتَیۡنِ وَ لَتَعۡلُنَّ عُلُوًّا کَبِیۡرًا ④

(توريت) ۾ لکي ڇڏيو ته توهان ضرور (بيت المقدس جي) سرزمين ۾ ٻه ڀيرا فساد ڪندا ۽ ضرور زبردست سرڪشي ڪندا ④

فَاِذَا جَآءَ وَعۡدُ اُوۡلٰىهُمَا بَعَثۡنَا عَلَیۡکُمۡ عِبَادًا لَّنَاۤ اُولِیۡ بَاۡسٍ شَدِیۡدٍ

پوءِ جڏهن انهن ٻنهي مان پهرئين وعدي جو وقت آيو ته توهان تي پنهنجن طاقتور ٻانهن (يعني بخت نصر جي لشڪر)

فَجَاسُوْا خِلٰلَ الدِّيَارِ ط وَكَانَ وَعْدًا مَّفْعُوْلًا ⑤ ثُمَّ رَدَدْنَا لَكُمُ

کي مسلط ڪيوسون، پوءِ اهي شهرن ۾ ڪاهي آيا ۽ الله جو وعدو پورو ٿيڻو آهي ٥ پوءِ توهان کي ٻيهر انهن تي

الْكَرَّةَ عَلَيْهِمْ وَاَمْدَدْنٰكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّبَنِيْنَ وَجَعَلْنٰكُمْ اَكْثَرَ

غلبو ڏنوسون ۽ مالن ۽ اولاد ۾ توهان کي وڌايوسون ۽ (تعداد ۽ لشڪر ۾) توهان کي (توهان جي دشمن کان) وڌيڪ

نَفِيْرًا ⑥ اِنْ اَحْسَنْتُمْ اَحْسَنْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ قف وَاِنْ اَسَاْتُمْ فَلَهَا ط

ڪيوسون ٦ جيڪڏهن نيڪي ڪندا ته پنهنجي لاءِ نيڪي ڪندا ۽ جيڪڏهن برائي ڪندا ته به پنهنجي لاءِ ڪندا. پوءِ

فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ لِيَسُوْٓءٗا وُجُوْهَكُمْ وَلِيَدْخُلُوا الْمَسْجِدَ كَمَا

جڏهن آخري وعدو آيو (ته ٻن مهينن تائين توهان تي رومين کي مسلط ڪيوسون)، جيئن توهان جي منهن کي بگاڙي

دَخَلُوْهُ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّلِيُتَبِّرُوْا مَا عَلَوْا تَتْبِيْرًا ⑦ عَسٰى رَبُّكُمْ

ڇڏين ۽ پهرئين ڀيري وانگر مسجد (يعني بيت المقدس) ۾ داخل ٿين ۽ جيئن (هر ان شيءِ کي) برباد ڪن ،جنهن جي

اَنْ يَّرْحَمَكُمْ ج وَاِنْ عُدْتُّمْ عُدْنَا م وَجَعَلْنَا جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ وقف لازم

سگهه رکن ٧ (اي بني اسرائيل!) ويجهو آهي ته توهان جو ربّ توهان تي رحم ڪري ۽ جيڪڏهن توهان وري (نافرماني ۽
سرڪشيءَ ڏانهن) موٽندا ته (بدلو وٺڻ جي لاءِ) اسين به موٽنداسون ۽ اسان جهنم کي ڪافرن لاءِ جيل خانو

حَصِيْرًا ⑧ اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ

بڻائي ڇڏيو آهي ٨ بيشڪ هيءُ قرآن اهو رستو ڏيکاري ٿو، جيڪو سڀ کان وڌيڪ سڌو (۽ سچو) آهي

الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا كَبِيْرًا ⑨ لا

۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏئي ٿو، (يعني اهي مؤمن) جيڪي چڱا ڪم ڪن ٿا ته انهن جي لاءِ وڏو اجر آهي ٩

وَّاَنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ⑩ ع وَ ع

۽ هيءُ ته جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا آڻين، انهن جي لاءِ اسان ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪري ڇڏيو آهي ١٠ ۽

يَدۡعُ الۡاِنۡسَانُ بِالشَّرِّ دُعَآءَهٗ بِالۡخَيۡرِ ؕ وَكَانَ الۡاِنۡسَانُ عَجُوۡلًا ﴿۱۱﴾

انسان ڀلائيءَ جي دعا وانگر برائيءَ جي دعا (لاءِ بہ جلدي) ڪندو آهي ۽ انسان جلدباز آهي ﴿۱۱﴾

وَجَعَلۡنَا الَّيۡلَ وَالنَّهَارَ اٰيَتَيۡنِ فَمَحَوۡنَاۤ اٰيَةَ الَّيۡلِ وَجَعَلۡنَاۤ اٰيَةَ

۽ اسان رات ۽ ڏينهن کي (پنهنجي قدرت جون) ٻہ نشانيون بڻايون آهن. پوءِ رات جي نشانيءَ کي مٽايون ٿا ۽

النَّهَارِ مُبۡصِرَةً لِّتَبۡتَغُوۡا فَضۡلًا مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَلِتَعۡلَمُوۡا عَدَدَ

ڏينهن جي نشانيءَ کي روشن ڪريون ٿا ، جيئن توهان پنهنجي ربّ جو فضل ڳوليو ۽ سالن جي تعداد ۽ حساب

السِّنِيۡنَ وَالۡحِسَابَ ؕ وَكُلَّ شَيۡءٍ فَصَّلۡنٰهُ تَفۡصِيۡلًا ﴿۱۲﴾ وَكُلَّ

جي ڄاڻ حاصل ڪريو ۽ اسان (انساني ضرورت جي) هر شيءِ کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي ﴿۱۲﴾ ۽ اسان هر هڪ

اِنۡسَانٍ اَلۡزَمۡنٰهُ طٰٓئِرَهٗ فِيۡ عُنُقِهٖ ؕ وَنُخۡرِجُ لَهٗ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ

انسان (جي ڀلائيءَ ۽ برائيءَ جو) اعمالنامو سندس ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن سندس

كِتٰبًا يَّلۡقٰهُ مَنۡشُوۡرًا ﴿۱۳﴾ اِقۡرَاۡ كِتٰبَكَ ؕ كَفٰى بِنَفۡسِكَ الۡيَوۡمَ

اعمالنامو ڪڍي کيس کولي ڏيکاريندا سون ﴿۱۳﴾ (کيس چيو ويندو تہ) اڄ پنهنجو اعمالنامو پڙهہ، اهو ئي تو ڪان

عَلَيۡكَ حَسِيۡبًا ﴿۱۴﴾ مَنِ اهۡتَدٰى فَاِنَّمَا يَهۡتَدِيۡ لِنَفۡسِهٖ ۚ وَمَنۡ

حساب وٺڻ لاءِ ڪافي آهي ﴿۱۴﴾ جيڪو هدايت تي هلندو، سو دراصل پنهنجي لاءِ هدايت تي هلندو ۽ جيڪو گمراه

ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيۡهَا ؕ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰى ؕ وَمَا

ٿيندو، تہ دراصل سندس گمراهيءَ جو وبال مٿس ئي آهي ۽ ڪو بار کڻندڙ ٻئي جو بار نٿو کڻي ۽ اسين (ٻانهن

كُنَّا مُعَذِّبِيۡنَ حَتّٰى نَبۡعَثَ رَسُوۡلًا ﴿۱۵﴾ وَاِذَاۤ اَرَدۡنَاۤ اَنۡ نُّهۡلِكَ

تي) عذاب ڪرڻ وارا نہ آهيون، تان جو ڪو رسول نہ موڪليون ﴿۱۵﴾ ۽ جڏهن ڪنهن ڳوٺ کي هلاڪ ڪرڻ گهرندا آهيون

قَرْيَةً اَمَرْنَا مُتْرَفِيْهَا فَفَسَقُوْا فِيْهَا فَحَقَّ عَلَيْهَا الْقَوْلُ

تہ اتان جي خوشحال ماڻھن کي (پيغمبر جي ذريعي عبادت جو) حڪم ڪندا آھيون، پوءِ اھي اتي نافرماني

فَدَمَّرْنٰهَا تَدْمِيْرًا ﴿١٦﴾ وَكَمْ اَهْلَكْنَا مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْۢ بَعْدِ

ڪندا آھن. پوءِ انھن تي اسان (جي عذاب) جو فرمان واجب (۽ ثابت) ٿيندو آھي، پوءِ انھن کي ھلاڪ ڪري ڇڏيندا آھيون،
جيئن ھلاڪ ڪرڻ جڳائي ﴿١٦﴾ ۽ اسان نوح (عليه السلام) کان پوءِ ڪيترن زمانن کي (يعني ڪيترين قومن کي) ھلاڪ ڪيو ۽

نُوْحٍ ؕ وَكَفٰى بِرَبِّكَ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ خَبِيْرًۢا بَصِيْرًا ﴿١٧﴾ مَنْ كَانَ

تنھنجو ربّ پنھنجن ٻانھن جي گناھن جي خبر رکندڙ (۽) ڏسندڙ ڪافي آھي ﴿١٧﴾ جيڪو شخص دنيا (جي آسودگي)

يُرِيْدُ الْعَاجِلَةَ عَجَّلْنَا لَهٗ فِيْهَا مَا نَشَآءُ لِمَنْ نُّرِيْدُ ثُمَّ جَعَلْنَا

گھرندو آھي، تنھن کي دنيا ۾ ئي جيڪي ڪجھ گھرندا آھيون، جلدي ڏيندا آھيون پوءِ اسان سندس لاءِ جھنم مقرر

لَهٗ جَهَنَّمَ ۚ يَصْلٰىهَا مَذْمُوْمًا مَّدْحُوْرًا ﴿١٨﴾ وَمَنْ اَرَادَ الْاٰخِرَةَ

ڪري ڇڏيو آھي، جنھن ملامتي (۽) تڙيل ٿي پھچندو آھي ﴿١٨﴾ ۽ جيڪو شخص آخرت گھرندو آھي ۽ ان لاءِ ڪوشش

وَسَعٰى لَهَا سَعْيَهَا وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ كَانَ سَعْيُهُمْ مَّشْكُوْرًا ﴿١٩﴾

ڪندو آھي، (ڇڪڻ ۽ جوڳي) ڪوشش ۽ مؤمن بہ آھي تہ پوءِ اھي ئي ماڻھو آھن، جن جون ڪوششون قبول پيل آھن ﴿١٩﴾

كُلًّا نُّمِدُّ هٰٓؤُلَآءِ وَهٰٓؤُلَآءِ مِنْ عَطَآءِ رَبِّكَ ؕ وَمَا كَانَ

انھن (ٻنھي ٽولين) مان ھر ھڪ کي وڌايون ٿا (ھڪڙي ٽولي گنھگارن جي آھي.) ٻي ٽوليءَ لاءِ تنھنجي ربّ جي

عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا ﴿٢٠﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ

(فرمانبرداريءَ جي سبب) بخشش آھي ۽ تنھنجي ربّ جي بخشش (دنيا ۾ ڪنھن کان) روڪيل نہ آھي (يعني دنياوي نعمت نيڪ ۽
بد سڀني لاءِ عام آھي.) ﴿٢٠﴾ (اي محمّد ﷺ!) ڏس تہ اسان (دنيا ۾) بعض کي بعض تي (روزيءَ ۾) ڪيئن فضيلت بخشي آھي ۽ يقينًا

وَلَلْاٰخِرَةُ اَكْبَرُ دَرَجٰتٍ وَّاَكْبَرُ تَفْضِيْلًا ﴿٢١﴾ لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا

آخرت درجن جي لحاظ سان بہ تمام وڏي آھي ۽ فضيلت جي لحاظ سان بہ تمام وڏي آھي ﴿٢١﴾ (اي انسان!) الله سان گڏ

اٰخَرَ فَتَقۡعُدَ مَذۡمُوۡمًا مَّخۡذُوۡلًا ﴿٢٢﴾ ع وَقَضٰی رَبُّكَ اَلَّا تَعۡبُدُوۡۤا اِلَّاۤ اِیَّاهُ

ٻئي ڪي معبود نه بڻاءِ نه ته مذمتيءَ خوار ٿي ويهي رهندين ﴿٢٢﴾ ۽ تنهنجي ربّ حڪم ڪيو آهي ته الله کان سواءِ ڪنهن

وَ بِالۡوَالِدَیۡنِ اِحۡسَانًا ؕ اِمَّا یَبۡلُغَنَّ عِنۡدَكَ الۡكِبَرَ اَحَدُهُمَاۤ اَوۡ كِلٰهُمَا

جي عبادت نه ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان سهڻو سلوڪ ڪريو ۽ جيڪڏهن انهن ٻنهي مان ڪو هڪ يا اهي ٻئي تو وٽ ڪراڙپ

فَلَا تَقُلۡ لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّلَا تَنۡهَرۡهُمَا وَ قُلۡ لَّهُمَا قَوۡلًا كَرِیۡمًا ﴿٢٣﴾ وَ

کي پهچن ته انهن ٻنهي کي اُف (به) نه چئو ۽ انهن ٻنهي کي ڇڙٻ نه ڏي ۽ انهن ٻنهي سان نرميءَ سان ڳالهاءِ ﴿٢٣﴾ ۽

اخۡفِضۡ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحۡمَةِ وَقُلۡ رَّبِّ ارۡحَمۡهُمَا كَمَا

نوڙت ڪندي انهن ٻنهي لاءِ رحمت جون ٻانهون جهڪاءِ ۽ چئو ته ربّ منهنجا! ٻنهي تي رحم فرماءِ، جيئن انهن ٻنهي

رَبَّیٰنِیۡ صَغِیۡرًا ﴿٢٤﴾ ؕ رَبُّكُمۡ اَعۡلَمُ بِمَا فِیۡ نُفُوۡسِكُمۡ ؕ اِنۡ تَكُوۡنُوۡا

ننڍپڻ ۾ مون کي پاليو ﴿٢٤﴾ توهان جي دلين ۾ (فرمانبرداري يا نافرمانيءَ جي) جيڪا به ڳالهه آهي، سا توهان جو ربّ

صٰلِحِیۡنَ فَاِنَّهٗ كَانَ لِلۡاَوَّابِیۡنَ غَفُوۡرًا ﴿٢٥﴾ وَاٰتِ ذَا الۡقُرۡبٰی حَقَّهٗ وَ

چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. جيڪڏهن توهان نيڪ هوندا ته پوءِ بيشڪ الله (گناهن کان) توبه ڪندڙن لاءِ بخشڻهار آهي ﴿٢٥﴾ ۽

الۡمِسۡكِیۡنَ وَابۡنَ السَّبِیۡلِ وَلَا تُبَذِّرۡ تَبۡذِیۡرًا ﴿٢٦﴾ اِنَّ الۡمُبَذِّرِیۡنَ

ويجهن مٽن مائٽن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن کي سندن حقّ ڏي ۽ اجايو خرچ نه ڪر، (يعني مال ضايع نه ڪر.) ﴿٢٦﴾ بيشڪ (الله

كَانُوۡۤا اِخۡوَانَ الشَّیٰطِیۡنِ ؕ وَكَانَ الشَّیۡطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُوۡرًا ﴿٢٧﴾ وَاِمَّا

جي حڪم ۽ رضامندي کان سواءِ) اجايو خرچ ڪندڙ شيطانن جا ڀائر آهن ۽ شيطان پنهنجي ربّ جو ناشڪرو آهي ﴿٢٧﴾ ۽

تُعۡرِضَنَّ عَنۡهُمُ ابۡتِغَآءَ رَحۡمَةٍ مِّنۡ رَّبِّكَ تَرۡجُوۡهَا فَقُلۡ لَّهُمۡ قَوۡلًا

جيڪڏهن (حياءَ ۽ اڻ هوندَ سبب) انهن (مسڪينن ۽ فقيرن) کان منهن موڙين ته به پنهنجي ربّ جي رحمت ۾ اميد

مَّيْسُوْرًا ﴿٢٨﴾ وَلَا تَجْعَلْ يَدَكَ مَغْلُوْلَةً اِلٰى عُنُقِكَ وَلَا تَبْسُطْهَا كُلَّ

رکي، ساڻن نرميءَ سان ڳالهاءِ ﴿٢٨﴾ ۽ (بخيليءَ وچان خرچ ڪرڻ ۾) پنهنجو هٿ پنهنجي ڳچيءَ تائين نہ ٽنگ ۽ نہ ان

الْبَسْطِ فَتَقْعُدَ مَلُوْمًا مَّحْسُوْرًا ﴿٢٩﴾ اِنَّ رَبَّكَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ

کي بلڪل کولي ڇڏ، پوءِ ملامتي، پشيمان ٿي پوندين ﴿٢٩﴾ بيشڪ تنهنجو ربّ جنهن جي گهري ٿو روزي ڪشادي ڪري

يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيْرًاۢ بَصِيْرًا ﴿٣٠﴾ ع وَلَا تَقْتُلُوْٓا

ٿو (۽ جنهن جي گهري ٿو) تنگ ڪري ٿو، بيشڪ اهو پنهنجن ٻانهن (جي مصلحت) جي خبر رکندڙ، ڏسندڙ آهي ﴿٣٠﴾ ۽

اَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ اِمْلَاقٍ ؕ نَحْنُ نَرْزُقُهُمْ وَاِيَّاكُمْ ؕ اِنَّ قَتْلَهُمْ كَانَ

پنهنجي اولاد کي مسڪينيءَ ۽ سڃائيءَ جي خوف سبب قتل نہ ڪريو. انهن کي بہ اسين روزي ڏيون ٿا ۽ توهان کي بہ،

خِطْاً كَبِيْرًا ﴿٣١﴾ وَلَا تَقْرَبُوا الزِّنٰٓى اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً ؕ وَسَآءَ سَبِيْلًا ﴿٣٢﴾

بيشڪ ڪين قتل ڪرڻ وڏو گناه آهي ﴿٣١﴾ ۽ زنا جي ويجهو بہ نہ وڃو، بيشڪ اهو بيحيائيءَ جو ڪم ۽ بڇڙو رستو آهي ﴿٣٢﴾

وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ؕ وَمَنْ قُتِلَ

۽ جنهن جان کي الله حرام ڪيو آهي، تنهن کي ناحق قتل نہ ڪريو ۽ جيڪو شخص ظلم سان قتل ڪيو وڃي، تہ پوءِ

مَظْلُوْمًا فَقَدْ جَعَلْنَا لِوَلِيِّهٖ سُلْطٰنًا فَلَا يُسْرِفْ فِّي الْقَتْلِ ؕ اِنَّهٗ

بيشڪ اسان سندس وارث کي (بدلي يا ديت وٺڻ يا معاف ڪرڻ جو) اختيار ڏئي ڇڏيو آهي. پوءِ (وارث قاتل کي) قتل

كَانَ مَنْصُوْرًا ﴿٣٣﴾ وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ

ڪرڻ ۾ تعدّي نہ ڪري (۽ ٻي ڌوهيءَ کي نہ ماري،) بيشڪ (شريعت جي طرفان سندس حقّ جي سلسلي ۾ يا ظالم جي
ظلم جي مقابلي ۾) ڪيس مدد ڏنل آهي ﴿٣٣﴾ ۽ يتيم جي مال جي ويجها نہ وڃو، مگر جيڪو (طريقو يتيم جي حال

حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ ۪ وَاَوْفُوْا بِالْعَهْدِ ۚ اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ

مطابق) سهڻو هجي، تانجو پنهنجي جوانيءَ کي پهچي ۽ (امر ۽ نهيءَ ۾) عهد جي پابندي ڪريو، بيشڪ عهد جي

مَسْـُٔوْلًا ﴿۳۴﴾ وَاَوْفُوا الْكَيْلَ اِذَا كِلْتُمْ وَزِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيْمِ ؕ

باري ۾ پڇاڻو ٿيندو ﴿۳۴﴾ ۽ جڏهن ماپ ڪريو ته ماپ پوري ڪري ڏيو ۽ چڱيءَ طرح انصاف سان تور ڪريو، اهائي

ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّاَحْسَنُ تَاْوِيْلًا ﴿۳۵﴾ وَلَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ

چڱي ۽ نتيجي جي اعتبار سان سڀ کان سهڻي ڳالهه آهي ﴿۳۵﴾ ۽ جنهن ڳالهه جو توکي علم نه هجي، ان جي

اِنَّ السَّمْعَ وَالْبَصَرَ وَالْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا ﴿۳۶﴾

پويان نه لڳ. بيشڪ ڪنن ۽ اکين ۽ دلين، انهن مان هر هڪ جي باري ۾ (ماڻهن کان) پڇا ٿيڻي آهي ﴿۳۶﴾

وَلَا تَمْشِ فِي الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ

۽ زمين ۾ (فخر ۽ وڏائي وچان) آڪڙ ڪري نه هل. بيشڪ تون هرگز زمين کي چيري نه سگهندين ۽ نه ٿي

تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ﴿۳۷﴾ كُلُّ ذٰلِكَ كَانَ سَيِّئُهٗ عِنْدَ رَبِّكَ

جبلن جي بلنديءَ کي پهچي سگهندين ﴿۳۷﴾ اهي سڀ (حرام ۽ منع ڪيل ڪم) تنهنجي ربّ وٽ ڏاڍا بڇڙا (۽) اڻ

مَكْرُوْهًا ﴿۳۸﴾ ذٰلِكَ مِمَّاۤ اَوْحٰۤى اِلَيْكَ رَبُّكَ مِنَ الْحِكْمَةِ ؕ وَلَا تَجْعَلْ

وڻندڙ آهن ﴿۳۸﴾ (هن سورة ۾ بيان ڪيل) اهي حڪمت جون ڳالهيون توڏانهن تنهنجي ربّ وحيءَ جي وسيلي موڪليون

مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتُلْقٰى فِيْ جَهَنَّمَ مَلُوْمًا مَّدْحُوْرًا ﴿۳۹﴾ اَفَاَصْفٰىكُمْ

آهن ۽ الله سان ٻئي ڪنهن کي معبود نه بڻاءِ، نه ته ملامتي ۽ تڙيل ٿي جهنم ۾ وڌو ويندين ﴿۳۹﴾ ڇا پوءِ (اي ڪافرو!)

رَبُّكُمْ بِالْبَنِيْنَ وَاتَّخَذَ مِنَ الْمَلٰٓئِكَةِ اِنَاثًا ؕ اِنَّكُمْ لَتَقُوْلُوْنَ

توهان کي توهان جي ربّ پٽن لاءِ چونڊيو آهي ۽ فرشتن کي (پنهنجيون) ڌيئرون ڪري ورتائين؟ بيشڪ توهان نه

قَوْلًا عَظِيْمًا ﴿۴۰﴾ ع وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِيَذَّكَّرُوْا ؕ وَمَا

يقيناً ڏاڍي وڏي ڳالهه چئو ٿا ﴿۴۰﴾ بيشڪ اسان هن قرآن ۾ (ماڻهن لاءِ گهڻا ٿي مثال) بيان ڪيا آهن، جيئن نصيحت وٺن ۽

يَزِيۡدُهُمۡ اِلَّا نُفُوۡرًا ﴿۴۱﴾ قُلۡ لَّوۡ كَانَ مَعَهٗۤ اٰلِهَةٌ كَمَا يَقُوۡلُوۡنَ اِذًا

(قرآن ڪافرن کي) رڳو (حقّ کان) نفرت ۾ وڌائي ٿو ﴿۴۱﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ ته جيڪڏهن الله سان ٻيا معبود آهن،

لَّابۡتَغَوۡا اِلٰى ذِى الۡعَرۡشِ سَبِيۡلًا ﴿۴۲﴾ سُبۡحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يَقُوۡلُوۡنَ

جيئن (ڪافر) چون ٿا، ته يقيناً عرش جي ربّ تائين پهچڻ لاءِ (جهڳڙو ڪن ها.) ﴿۴۲﴾ (ڪافر) جيڪي ڳالهيون چون ٿا، تن

عُلُوًّا كَبِيۡرًا ﴿۴۳﴾ تُسَبِّحُ لَهُ السَّمٰوٰتُ السَّبۡعُ وَالۡاَرۡضُ وَمَنۡ

کان الله پاڪ، گهڻو مٿانهون آهي ﴿۴۳﴾ ست آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي منجهن آهن، سي سڀ سندس ئي تسبيح ڪن ٿا ۽

فِيۡهِنَّ ؕ وَاِنۡ مِّنۡ شَىۡءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمۡدِهٖ وَلٰـكِنۡ لَّا تَفۡقَهُوۡنَ

جيڪا به شيءِ آهي، سا سندس ساراهه سان سندس تسبيح ڪري ٿي ۽ پر توهان سندن تسبيح کي نٿا سمجهو. بيشڪ

تَسۡبِيۡحَهُمۡ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حَلِيۡمًا غَفُوۡرًا ﴿۴۴﴾ وَاِذَا قَرَاۡتَ الۡقُرۡاٰنَ جَعَلۡنَا

اهو بردبار (يعني سزا ڏيڻ ۾ مهلت ڏيندڙ ۽) بخشڻهار آهي ﴿۴۴﴾ ۽ جڏهن قرآن پڙهندو آهين ته اسان تنهنجي وچ ۾

بَيۡنَكَ وَبَيۡنَ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡاٰخِرَةِ حِجَابًا مَّسۡتُوۡرًا ۙ ﴿۴۵﴾ وَّ

۽ جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا رکن، انهن جي وچ ۾ ڳجهو پردو قائم ڪري ڇڏيندا آهيون ﴿۴۵﴾ ۽ ان

جَعَلۡنَا عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ اَكِنَّةً اَنۡ يَّفۡقَهُوۡهُ وَفِىۡۤ اٰذَانِهِمۡ وَقۡرًا ؕ وَاِذَا

جي سمجهڻ کان سندن دلين تي پردو وجهندا آهيون ۽ سندن ڪنن ۾ ڳوراڻ (وجهندا آهيون) ۽ جڏهن تون قرآن ۾

ذَكَرۡتَ رَبَّكَ فِى الۡقُرۡاٰنِ وَحۡدَهٗ وَلَّوۡا عَلٰٓى اَدۡبَارِهِمۡ نُفُوۡرًا ﴿۴۶﴾ نَحۡنُ

اڪيلي الله کي ياد ڪندو آهين ته اهي پٺي ڦيرائي هليا ويندا آهن ﴿۴۶﴾ (اي پيغمبر ﷺ!) اسان چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا ته

اَعۡلَمُ بِمَا يَسۡتَمِعُوۡنَ بِهٖۤ اِذۡ يَسۡتَمِعُوۡنَ اِلَيۡكَ وَاِذۡ هُمۡ نَجۡوٰٓى اِذۡ

اهي ڇا ٿا ٻڌن؟ جڏهن اهي توڏانهن ڪنُ لائي (ٺٺولين جي نيت سان قرآن) ٻڌندا آهن ۽ جڏهن اهي ڳجهيون

يَقُوْلُ الظّٰلِمُوْنَ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ﴿٤٧﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ

صلاحون ڪندا آھن. جڏھن ظالم چوندا آھن تہ توھان رڳو جادو ڪيل شخص جي پيروي ڪريو ٿا ﴿٤٧﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) ڏس،

ضَرَبُوْا لَكَ الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ سَبِيْلًا ﴿٤٨﴾ وَقَالُوْٓا ءَاِذَا الربع

تنھنجي لاءِ ڪيئن مثال بيان ڪن ٿا، پوءِ گمراھ ٿي ويا، پوءِ ڪا واٽ نٿا لھن ﴿٤٨﴾ ۽ چون ٿا تہ ڇا جڏھن اسان (مري ڳري) ھڏا

كُنَّا عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِيْدًا ﴿٤٩﴾ قُلْ

ٿي مٽيءَ ۾ ملي ويندا سون، ڇا پوءِ بہ اسان کي نئين مخلوق ڪري اٿاريو ويندو؟ ﴿٤٩﴾ فرماءِ تہ (فرض ڪريو تہ توھان) ٿي

كُوْنُوْا حِجَارَةً اَوْ حَدِيْدًا ﴿٥٠﴾ اَوْ خَلْقًا مِّمَّا يَكْبُرُ فِيْ صُدُوْرِكُمْ ج

وڃو پٿر جا يا لوھ جا ﴿٥٠﴾ يا پنھنجين دلين ۾ جيڪا ٻي وڏي مخلوق ڀانيو ٿا (اھا ٿي وڃو)، پوءِ بہ سگھوئي چوندا تہ اسان

فَسَيَقُوْلُوْنَ مَنْ يُّعِيْدُنَا ط قُلِ الَّذِيْ فَطَرَكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ج

کي ڪير (مرڻ کان پوءِ) جياريندو؟ فرماءِ تہ جنھن (الله) توھان کي پھرين ڀيري پيدا ڪيو (اھوئي توھان کي ٻيھر

فَسَيُنْغِضُوْنَ اِلَيْكَ رُءُوْسَهُمْ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هُوَ ط قُلْ عَسٰٓى

جياريندو.) پوءِ سگھوئي (اھي پليت ماڻھو ٺٺوليون ڪندي) توڏانھن پنھنجا ڳاٽا لوڏيندا ايندا ۽ چوندا تہ اھو (واقعو)

اَنْ يَّكُوْنَ قَرِيْبًا ﴿٥١﴾ يَوْمَ يَدْعُوْكُمْ فَتَسْتَجِيْبُوْنَ بِحَمْدِهٖ وَتَظُنُّوْنَ

ڪڏھن ٿيندو (يعني قيامت ڪڏھن ايندي؟) فرماءِ تہ شايد اھا ويجھي ھجي ﴿٥١﴾ جنھن ڏينھن (الله

اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٥٢﴾ ع وَقُلْ لِّعِبَادِيْ يَقُوْلُوا الَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ط ٥ ع

تعاليٰ) توھان کي (قبرن مان) سڏيندو تہ توھان سندس ساراھ ڪندي سندس سڏ تي (ميدان محشر) ۾ حاضر ٿيندا ۽ ڀائيندا
تہ توھان (دنيا ۾) نہ رھيا آھيو، مگر ڪو ٿورڙو وقت ﴿٥٢﴾ ۽ منھنجن ٻانھن کي فرماءِ تہ (ڪافرن جي ايذائڻ جي جواب ۾) سڀ کان

اِنَّ الشَّيْطٰنَ يَنْزَغُ بَيْنَهُمْ ط اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوًّا

سھڻي ڳالھ چون. بيشڪ شيطان انھن ۾ فتنو، فساد (۽ دشمني) وجھندو آھي. بيشڪ شيطان انسان جو پڌرو دشمن

مُّبِيْنًا ﴿٥٣﴾ رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِكُمْ ۭ اِنْ يَّشَاْ يَرْحَمْكُمْ اَوْ اِنْ يَّشَاْ يُعَذِّبْكُمْ ۭ

آهي ﴿٥٣﴾ توهان جو ربّ توهان جي حال) کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو، جيڪڏهن گهرندو ته توهان تي رحم ڪندو، يا جيڪڏهن

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ﴿٥٤﴾ وَرَبُّكَ اَعْلَمُ بِمَنْ فِي السَّمٰوٰتِ

گهرندو ته توهان تي عذاب ڪندو ۽ اسان توکي مٿن وڪيل ڪري نه موڪليو آهي ﴿٥٤﴾ ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي به

وَالْاَرْضِ ۭ وَلَقَدْ فَضَّلْنَا بَعْضَ النَّبِيّٖنَ عَلٰي بَعْضٍ وَّاٰتَيْنَا

(شيون) آهن، تن کي تنهنجو ربّ وڌيڪ ڄاڻي ٿو ۽ بيشڪ اسان بعض پيغمبرن کي بعض تي فضيلت بخشي ۽ دائود کي (ڪتاب)

دَاوٗدَ زَبُوْرًا ﴿٥٥﴾ قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ فَلَا يَمْلِكُوْنَ

زبور ڏنوسون ﴿٥٥﴾ فرماءِ ته الله کان سواءِ جن (باطل معبودن) کي (پنهنجو ڪارساز) ڀانيو ٿا، تن کي سڏيو، اهي توهان تان نه

كَشْفَ الضُّرِّ عَنْكُمْ وَلَا تَحْوِيْلًا ﴿٥٦﴾ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ

سختي لاهڻ جي سگهه رکن ٿا ۽ نه خراب حالت کي چڱيءَ حالت ۾ بدلائي سگهن ٿا ﴿٥٦﴾ (الله جا پيارا ٻانها) اهي آهن، جيڪي

يَبْتَغُوْنَ اِلٰى رَبِّهِمُ الْوَسِيْلَةَ اَيُّهُمْ اَقْرَبُ وَيَرْجُوْنَ رَحْمَتَهٗ

(ان کي) سڏين ٿا (۽ نيڪين) وسيلي پنهنجي ربّ جي رحمت ڳولهين ٿا ته انهن مان ڪهڙو (عمل وتس) وڌيڪ ويجهو (ڪندڙ) آهي

وَيَخَافُوْنَ عَذَابَهٗ ۭ اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ كَانَ مَحْذُوْرًا ﴿٥٧﴾ وَاِنْ مِّنْ

۽ سندس رحمت ۾ اميد رکن ٿا ۽ سندس عذاب کان ڏجن ٿا. بيشڪ تنهنجي ربّ جو عذاب ڏجڻ جهڙي شيءِ آهي ﴿٥٧﴾ ۽ جيڪو به ڳوٺ

قَرْيَةٍ اِلَّا نَحْنُ مُهْلِكُوْهَا قَبْلَ يَوْمِ الْقِيٰمَةِ اَوْ مُعَذِّبُوْهَا عَذَابًا

آهي، ان کي قيامت جي ڏينهن کان اڳ اسان هلاڪ ڪرڻ وارا آهيون، يا ان کي سخت سزا ڏيندڙ آهيون. (فرمانبردارن کي موت

شَدِيْدًا ۭ كَانَ ذٰلِكَ فِي الْكِتٰبِ مَسْطُوْرًا ﴿٥٨﴾ وَمَا مَنَعَنَآ اَنْ نُّرْسِلَ

جي ذريعي ۽ نافرمانن کي هلاڪت جي ذريعي) اها ڳالهه ڪتاب (يعني لوح محفوظ) ۾ لکيل آهي ﴿٥٨﴾ ۽ اسان کي (ڪافرن جي

بِالۡاٰیٰتِ اِلَّاۤ اَنۡ کَذَّبَ بِهَا الۡاَوَّلُوۡنَ ؕ وَاٰتَیۡنَا ثَمُوۡدَ النَّاقَةَ مُبۡصِرَةً

مطالبي مطابق) نشانين (۽ معجزن جي) موڪلڻ کان رڳو هيءَ ڳالھ روڪي ٿي تہ اڳين (امتن) انھن کي ڪوڙو ڪيو (پوءِ اُھي هلاڪ
ٿيون ۽ ساڳيءَ طرح هي ڪافر بہ هلاڪ ٿيندا) ۽ اسان (صالح ؑ جي قوم) ثمود کي (ٽڪريءَ مان نڪتل) روشن نشاني ڏاچي ڏني.

فَظَلَمُوۡا بِهَا ؕ وَمَا نُرۡسِلُ بِالۡاٰیٰتِ اِلَّا تَخۡوِیۡفًا ﴿۵۹﴾ وَاِذۡ قُلۡنَا لَكَ اِنَّ

پوءِ ان سان ظلم ڪيائون ۽ اسان نشانيون تہ (ٻانهن) کي رڳو ڊيڄارڻ لاءِ موڪليندا آهيون ﴿۵۹﴾ ۽ جڏهن توکي چيوسون تہ بيشڪ

رَبَّكَ اَحَاطَ بِالنَّاسِ ؕ وَمَا جَعَلۡنَا الرُّءۡیَا الَّتِیۡۤ اَرَیۡنٰكَ اِلَّا فِتۡنَةً

تنهنجي ربّ ماڻھن کي (پنھنجي قدرت سان) گهيري ۾ ورتو آهي (۽ سندن شرّ کان تنهنجي حفاظت ڪندو) ۽ توکي (بيداريءَ

لِّلنَّاسِ وَالشَّجَرَةَ الۡمَلۡعُوۡنَةَ فِی الۡقُرۡاٰنِ ؕ وَنُخَوِّفُهُمۡ ۙ فَمَا یَزِیۡدُهُمۡ

۾ معراج جي رات) جو ڪجھ ڏيکاريوسون، اهو ماڻھن لاءِ رڳو هڪڙي آزمائش آهي ۽ قرآن ۾ بيان ڪيل لعنتي وڻ (زقوم جو

اِلَّا طُغۡیَانًا کَبِیۡرًا ﴿۶۰﴾ ؑ وَاِذۡ قُلۡنَا لِلۡمَلٰٓئِكَةِ اسۡجُدُوۡا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوۡۤا ٦ ع ٨ ٦

ذڪر) بہ ماڻھن جي لاءِ در اصل هڪڙي آزمائش آهي) ۽ اسين کين ڊيڄاريون ٿا، پوءِ اهو (ڊيڄارڻ) کين رڳو وڏي سرڪشي ۾

اِلَّاۤ اِبۡلِیۡسَ ؕ قَالَ ءَاَسۡجُدُ لِمَنۡ خَلَقۡتَ طِیۡنًا ﴿۶۱﴾ ۚ قَالَ اَرَءَیۡتَكَ هٰذَا

وڌائي ٿو ﴿۶۰﴾ ۽ (ياد ڪر اي محمد ﷺ!) جڏهن فرشتن کي چيوسون تہ آدم کي سجدو ڪريو پوءِ ابليس کان سواءِ (سڀني آدم کي) سجدو
ڪيو. چيائين تہ ڇا آءٌ ان کي سجدو ڪريان، جنهن کي تو مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي؟ ﴿۶۱﴾ چيائين تہ ڏس تہ هيءُ آهي، اهو جنهن کي تو

الَّذِیۡ کَرَّمۡتَ عَلَیَّ ۫ لَئِنۡ اَخَّرۡتَنِ اِلٰی یَوۡمِ الۡقِیٰمَةِ لَاَحۡتَنِکَنَّ

مون تي فضيلت بخشي آهي، جيڪڏهن مون کي قيامت جي ڏينهن تائين مهلت ڏيندين تہ ضرور سندس اولاد کي پٽڪائيندس (۽

ذُرِّیَّتَهٗۤ اِلَّا قَلِیۡلًا ﴿۶۲﴾ قَالَ اذۡهَبۡ فَمَنۡ تَبِعَكَ مِنۡهُمۡ فَاِنَّ جَهَنَّمَ

مٿن غالب ٿيندس) سواءِ ٿورن جي ﴿۶۲﴾ (الله) فرمايو تہ دفع ٿيءُ، (توکي مهلت آهي.) پوءِ انھن مان جنهن بہ تنهنجي پيروي

جَزَآؤُكُمۡ جَزَآءً مَّوۡفُوۡرًا ﴿۶۳﴾ وَاسۡتَفۡزِزۡ مَنِ اسۡتَطَعۡتَ مِنۡهُمۡ بِصَوۡتِكَ

ڪئي تہ بيشڪ (اي شيطان ۽ ان جا تابعدارو!) دوزخ توهان جو پورو پورو بدلو آهي ﴿۶۳﴾ ۽ انھن مان جنهن کي ورغلائي سگهين،

وَاَجْلِبْ عَلَيْهِمْ بِخَيْلِكَ وَرَجِلِكَ وَشَارِكْهُمْ فِي الْاَمْوَالِ وَالْاَوْلَادِ

تنهن کي پنهنجي (شيطاني) آواز سان ورغلاءِ ۽ پنهنجن سوارن ۽ پنهنجي پيادل (لشڪر) کي مٿن ڪاهي اچ (جيڪو ٻه

وَعِدْهُمْ ؕ وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطٰنُ اِلَّا غُرُوْرًا (٦٤) اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ

الله تعاليٰ جي نافرماني ڪندو، اهو شيطاني لشڪر مان آهي) ۽ شريڪ ٿيءُ سندن مالن ۾ (جيئن ناحقّ مال خرچ ڪن) ۽ سندن اولاد

۾ (جيئن زنا جو اولاد ڄڻن) ۽ کين وعدا ڏي ۽ شيطان کين رڳو ڪوڙا ڏتا ڏئي ٿو (٦٤) بيشڪ منهنجن (نيڪ بخت) ٻانهن تي تنهنجو ڪو زور

عَلَيْهِمْ سُلْطٰنٌ ؕ وَكَفٰى بِرَبِّكَ وَكِيْلًا (٦٥) رَبُّكُمُ الَّذِيْ يُزْجِيْ لَكُمُ الْفُلْكَ

۽ غلبو نه آهي ۽ تنهنجو ربّ (پنهنجن دوستن لاءِ) نگران ڪافي آهي (٦٥) توهان جو ربّ اهو (الله) آهي، جيڪو توهان لاءِ سمنڊ ۾

فِي الْبَحْرِ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا (٦٦) وَاِذَا

ٻيڙيون هلائي ٿو، جيئن (واپار وسيلي) سندس فضل ڳولهيو. بيشڪ اهو توهان تي رحم ڪندڙ آهي (٦٦) ۽ جڏهن توهان کي

مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِي الْبَحْرِ ضَلَّ مَنْ تَدْعُوْنَ اِلَّآ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا نَجّٰىكُمْ

سمنڊ ۾ مصيبت پهچي ٿي ته (باطل معبودن کي ڇڏي) خاص الله کي پڪاريو ٿا، پوءِ جڏهن توهان کي بچائي سُڪ تي

اِلَى الْبَرِّ اَعْرَضْتُمْ ؕ وَكَانَ الْاِنْسَانُ كَفُوْرًا (٦٧) اَفَاَمِنْتُمْ اَنْ

پهچائيندو آهي ته (عاجزي ۽ ايمان کان) منهن موڙيندا آهيو ۽ انسان (الله جي نعمتن جي) ناقدري ڪندڙ آهي (٦٧) ڇا بيخوف

يَّخْسِفَ بِكُمْ جَانِبَ الْبَرِّ اَوْ يُرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ثُمَّ لَا تَجِدُوْا لَكُمْ

آهيو ته توهان کي سُڪ تي پر ٻاسي ۾ زمين اندر ڳهائي ڇڏي، يا توهان تي پٿر وسائيندڙ طوفان (۽ آنڌي) موڪلي. پوءِ

وَكِيْلًا (٦٨) ۙ اَمْ اَمِنْتُمْ اَنْ يُّعِيْدَكُمْ فِيْهِ تَارَةً اُخْرٰى فَيُرْسِلَ

پنهنجي لاءِ ڪو سنڀاليندڙ نه لهو (٦٨) يا (هن ڳالهه) کان بيخوف آهيو ته اهو هڪ ٻيرو وري توهان کي سمنڊ ۾ موٽائي، پوءِ توهان تي

عَلَيْكُمْ قَاصِفًا مِّنَ الرِّيْحِ فَيُغْرِقَكُمْ بِمَا كَفَرْتُمْ ۙ ثُمَّ لَا تَجِدُوْا لَكُمْ

هوا جو طوفان موڪلي، پوءِ توهان کي توهان جي ڪفر سبب ٻوڙي ڇڏي، پوءِ توهان پنهنجي لاءِ اسان جي مقابلي ۾ ان ڪان

عَلَيْنَا بِهٖ تَبِيْعًا ﴿٦٩﴾ وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِیْٓ اٰدَمَ وَحَمَلْنٰهُمْ فِی الْبَرِّ وَ

بچائڻ وارو ڪنهن کي بہ مددگار نہ لهندا ﴿٦٩﴾ ۽ بيشڪ اسان آدم (عليه السلام) جي اولاد کي شرف ڏنو ۽ کين سُڪ ۽ سمنڊ

الْبَحْرِ وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلٰی كَثِيْرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا

۾ سوار ڪيوسون ۽ انهن کي پاڪ شين مان روزي ڏني سون ۽ انهن کي پنهنجي مخلوق مان گهڻن تي فضيلت

تَفْضِيْلًا ﴿٧٠﴾ ع يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍ بِاِمَامِهِمْ ج فَمَنْ اُوْتِیَ كِتٰبَهٗ ٧ ع ١٠ ٧

بخشي سون ﴿٧٠﴾ (ياد ڪريو قيامت جي) ڏينهن کي (جڏهن) اسان هر قوم کي سندس اڳواڻ سان سڏينداسون.

بِيَمِيْنِهٖ فَاُولٰٓئِكَ يَقْرَءُوْنَ كِتٰبَهُمْ وَلَا يُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿٧١﴾ وَ

پوءِ جنهن شخص کي سندس اعمالنامو سندس ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويو تہ پوءِ اهي ئي ماڻهو آهن (جيڪي خوشيءَ وچان)
پنهنجو اعمالنامو پڙهندا ۽ (نيڪين جي ثواب ڏيڻ ۾ مٽن ذري برابر بہ ظلم نہ ڪيو ويندو ﴿٧١﴾ ۽ جيڪو شخص هن دنيا ۾ (عبرت

مَنْ كَانَ فِیْ هٰذِهٖٓ اَعْمٰی فَهُوَ فِی الْاٰخِرَةِ اَعْمٰی وَاَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿٧٢﴾

حاصل ڪرڻ جي بجاءِ دل جو) انڌو هوندو، اهو ئي آخرت ۾ بہ انڌو هوندو ۽ سيڌي ڪان وڌيڪ گمراه هوندو ﴿٧٢﴾

وَاِنْ كَادُوْا لَيَفْتِنُوْنَكَ عَنِ الَّذِیْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ لِتَفْتَرِیَ عَلَيْنَا

۽ ويجهو آهي تہ اسان توڏانهن جيڪو وحي موڪليو آهي، (ثقيف قبيلي وارا) تو کي ان کان غافل ڪن، جيئن هن (قرآن)

غَيْرَهٗ ۖ وَاِذًا لَّاتَّخَذُوْكَ خَلِيْلًا ﴿٧٣﴾ وَلَوْلَآ اَنْ ثَبَّتْنٰكَ لَقَدْ كِدْتَّ

کان سواءِ بيو ناهہ ناهي اسان تي هڻين ۽ اهي ان وقت تو کي پنهنجو دوست بڻائيندا ﴿٧٣﴾ ۽ جيڪڏهن اسان تو کي ثابت قدم

تَرْكَنُ اِلَيْهِمْ شَيْئًا قَلِيْلًا ﴿٧٤﴾ قلا اِذًا لَّاَذَقْنٰكَ ضِعْفَ الْحَيٰوةِ وَ

نہ رکون تہ تحقيق ويجهو هو تہ انهن (ڪافرن) ڏانهن ڪجهہ جهڪي پوين ها ﴿٧٤﴾ ان وقت تو کي زندگيءَ ۾ بہ ۽ موت کان پوءِ بہ

ضِعْفَ الْمَمَاتِ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ عَلَيْنَا نَصِيْرًا ﴿٧٥﴾ وَاِنْ كَادُوْا

ٻيڻو عذاب چکايون ها. پوءِ (عذاب کان بچڻ لاءِ) اسان جي مقابلي ۾ ڪنهن کي مددگار نہ لهندين ﴿٧٥﴾ ۽ يقينًا ويجهو هو تہ

لَيَسْتَفِزُّوْنَكَ مِنَ الْاَرْضِ لِيُخْرِجُوْكَ مِنْهَا وَ اِذًا لَّا يَلْبَثُوْنَ

(يهودي) توکي (مديني جي) سرزمين مان ورغلائين ها، جيئن توکي اتان (ملک شام ڏانهن) کڍي ڇڏين ۽ ان وقت

خِلٰفَكَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٧٦﴾ سُنَّةَ مَنْ قَدْ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنْ رُّسُلِنَا وَلَا

تنهنجي پويان اهي به نه رهن ها، مگر ٿوري مدّت ﴿٧٦﴾ توکان اڳ اسان (ماڻهن ڏانهن) پنهنجا جيڪي پيغمبرَ موڪليا آهن،

تَجِدُ لِسُنَّتِنَا تَحْوِيْلًا ﴿٧٧﴾ ع اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوْكِ الشَّمْسِ اِلٰى غَسَقِ ع ٨

انهن جو اهو طريقو آهي (ته جنهن قوم الله جي پيغمبر کي ڪڍيو، اهي هلاڪ ٿيا) ۽ اسان جي طريقي ۾ ڪا تبديلي نه لهندين ﴿٧٧﴾
سج لڙڻ کان رات جي اونداهيءَ تائين نماز قائم ڪر (يعني ظهر، عصر، مغرب ۽ عشا پڙهه) ۽ (پڻ) صبح جي نماز (قائم ڪر.)

الَّيْلِ وَقُرْاٰنَ الْفَجْرِ ؕ اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ مَشْهُوْدًا ﴿٧٨﴾ وَمِنَ الَّيْلِ

بيشڪ صبح جي نماز (ڏينهن ۽ رات جي فرشتن جي) حاضر ۽ گڏ ٿيڻ جو وقت آهي ﴿٧٨﴾ ۽ (رات جو) ننڊ مان اٿي تهجد

فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ ۖ عَسٰٓى اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا ﴿٧٩﴾

۾) قرآن پڙهه، اها (عبادت) تنهنجا درجا بلند ڪندڙ آهي. (اي ڪائنات جا سردار ﷺ!) ويجهو آهي ته تنهنجو ربّ توکي

وَقُلْ رَّبِّ اَدْخِلْنِيْ مُدْخَلَ صِدْقٍ وَّاَخْرِجْنِيْ مُخْرَجَ صِدْقٍ وَّ

(شفاعت عظميٰ لاءِ) مقام محمود بخشي ﴿٧٩﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) دعا گهر ته ربّ منهنجا! مون کي سچيءَ جاءِ (يعني

اجْعَلْ لِّيْ مِنْ لَّدُنْكَ سُلْطٰنًا نَّصِيْرًا ﴿٨٠﴾ وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَ

مديني) ۾ داخل ڪر (جتان پاڻ وري مڪي نه موٽيا) ۽ مون کي سچيءَ جاءِ تان ٻاهر ڪڍ ۽ پنهنجي طرفان مون کي مددگار حجت
عطا ڪر (جيئن تنهنجي دين کي قائم ڪريان.) ﴿٨٠﴾ ۽ (فتح مڪي جي ڏينهن) چؤ ته حقّ (يعني اسلام ۽ قرآن جو ڪمال ۽ قوت) اچي

زَهَقَ الْبَاطِلُ ؕ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ﴿٨١﴾ وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ

چڪي ۽ باطل (يعني شرڪ ۽ ڪفر ۽ شيطان) ڀڄي چڪو. بيشڪ باطل ڀڄڻ وارو آهي ﴿٨١﴾ ۽ اسين (هن عظيم الشان)

مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ وَلَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا

قرآن جون اهي (آيتون) لاهينداسون، جيڪي مؤمنن لاءِ شفا ۽ رحمت آهن ۽ (قرآن) ظالمن کي رڳو نقصان ۾ ئي

خَسَارًا ﴿۸۲﴾ وَاِذَآ اَنۡعَمۡنَا عَلَی الۡاِنۡسَانِ اَعۡرَضَ وَنَاٰ بِجَانِبِهٖ ۚ وَاِذَا

وڌائي ٿو ﴿۸۲﴾ ۽ جڏهن انسان کي نعمت بخشيندا آهيون تہ (مصيبت وقت جيڪا دعا ۽ عاجزي ڪندو آهي، ان کان) منهن

مَسَّهُ الشَّرُّ كَانَ يَـُٔوۡسًا ﴿۸۳﴾ قُلۡ كُلٌّ يَّعۡمَلُ عَلٰی شَاكِلَتِهٖ ؕ فَرَبُّكُمۡ

موڙيندو آهي ۽ (نعمتن جي شڪر جي بجاءِ) پاسيرو ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن کيس سختي، (بيماري ۽ محتاجي) پهچندي آهي تہ

(الله جي فضل کان) مايوس ٿيندو آهي ۸۳ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ (مؤمن هجي يا ڪافر) هر هڪ پنهنجي طبيعت ۽ عادت مطابق عمل

اَعۡلَمُ بِمَنۡ هُوَ اَهۡدٰی سَبِيۡلًا ﴿۸۴﴾ ع وَيَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الرُّوۡحِ ؕ قُلِ

ڪري ٿو، پوءِ توهان جو ربّ وڌيڪ ڄاڻي ٿو، ان شخص کي جيڪو وڌيڪ هدايت وارو آهي (يعني جيڪو فقر فاقي ۾ دين کان منهن نٿو

موڙي ۽ نااميد نٿو ٿئي.) ﴿۸۴﴾ ۽ توکان روح جي باري ۾ پڇن ٿا (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ روح منهنجي ربّ جي حڪم (۽ علم ۽ مخلوق)

الرُّوۡحُ مِنۡ اَمۡرِ رَبِّیۡ وَمَاۤ اُوۡتِيۡتُمۡ مِّنَ الۡعِلۡمِ اِلَّا قَلِيۡلًا ﴿۸۵﴾ وَلَئِنۡ

مان آهي (جنهن کي رڳو الله ئي ڄاڻي ٿو) ۽ توهان کي (الله جي علم جي ڀيٽ ۾) ڪو گهٽ علم ڏنو ويو آهي ﴿۸۵﴾ ۽ جيڪڏهن

شِئۡنَا لَنَذۡهَبَنَّ بِالَّذِیۡۤ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ بِهٖ

گهرون تہ جيڪو وحي اسان توڏانهن موڪليو آهي، ان کي (دلين ۽ سينن) مان مِٽائي ڇڏيون، پوءِ ان تي اسان جي مقابلي

عَلَيۡنَا وَكِيۡلًا ﴿۸۶﴾ لا اِلَّا رَحۡمَةً مِّنۡ رَّبِّكَ ؕ اِنَّ فَضۡلَهٗ كَانَ عَلَيۡكَ

۾ ڪو مددگار نہ لهندين ﴿۸۶﴾ مگر تنهنجي ربّ جي رحمت (جيڪا مؤمنن لاءِ ثابت ٿي چڪي آهي. اي محمد ﷺ!) بيشڪ توتي

كَبِيۡرًا ﴿۸۷﴾ قُلۡ لَّئِنِ اجۡتَمَعَتِ الۡاِنۡسُ وَالۡجِنُّ عَلٰۤی اَنۡ يَّاۡتُوۡا بِمِثۡلِ

الله جو تمام وڏو فضل آهي ﴿۸۷﴾ فرماءِ تہ جيڪڏهن سڀ انسان ۽ جنّ هن جهڙي (فصيح ۽ بليغ) قرآن آڻڻ لاءِ گڏ ٿين،

هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ لَا يَاۡتُوۡنَ بِمِثۡلِهٖ وَلَوۡ كَانَ بَعۡضُهُمۡ لِبَعۡضٍ ظَهِيۡرًا ﴿۸۸﴾

تڏهن بہ (اهي سڀئي گڏجي بہ) ان جهڙو قرآن آڻي نہ سگهندا، جيتوڻيڪ اهي هڪ ٻئي جا مددگار هجن ﴿۸۸﴾

وَلَقَدۡ صَرَّفۡنَا لِلنَّاسِ فِیۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ مِنۡ كُلِّ مَثَلٍ ز فَاَبٰۤی

۽ اسان هن قرآن ۾ ماڻهن کي سمجهائڻ جي لاءِ (نصيحت جوڳا) هر قسم جا مثال بيان ڪيا آهن، پوءِ بہ گهڻا

اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿٨٩﴾ وَقَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى تَفْجُرَ

ماڻهو رڳو ناشڪري ڪن ٿا ﴿٨٩﴾ ۽ چون ٿا ته توتي هرگز ايمان نه آڻينداسون، تانجو اسان لاءِ (مڪي جي) سرزمين

لَنَا مِنَ الْاَرْضِ يَنْۢبُوْعًا ﴿٩٠﴾ اَوْ تَكُوْنَ لَكَ جَنَّةٌ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّ

۾ (ملڪ شام ۽ عراق وانگر) چشما جاري ڪرين ﴿٩٠﴾ يا (اي مُحَمَّد ﷺ!) تنهنجي لاءِ کجين ۽ انگورن جو باغ هجي، پوءِ

عِنَبٍ فَتُفَجِّرَ الْاَنْهٰرَ خِلٰلَهَا تَفْجِيْرًا ﴿٩١﴾ اَوْ تُسْقِطَ السَّمَآءَ كَمَا

ان (جي وٽن) جي وچ ۾ چڱيءَ طرح واهيون وهائين ﴿٩١﴾ يا جيئن دعويٰ ڪرين ٿو، اسان تي آسمان مان چپ ڪيرائين

زَعَمْتَ عَلَيْنَا كِسَفًا اَوْ تَاْتِيَ بِاللّٰهِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ قَبِيْلًا ﴿٩٢﴾ اَوْ

يا الله ۽ فرشتن کي اسان جي سامهون آڻين (۽ اسين اکين سان انهن کي ڏسون.) ﴿٩٢﴾ يا تو وٽ (سهڻو ۽) سونو گهر

يَكُوْنَ لَكَ بَيْتٌ مِّنْ زُخْرُفٍ اَوْ تَرْقٰى فِي السَّمَآءِ ؕ وَلَنْ نُّؤْمِنَ

هجي يا آسمان تي چڙهي وڃين ۽ تنهنجي چڙهڻ کي به هرگز نه مڃينداسون تانجو اسان تي (اهڙو لکيل)

لِرُقِيِّكَ حَتّٰى تُنَزِّلَ عَلَيْنَا كِتٰبًا نَّقْرَؤُهٗ ؕ قُلْ سُبْحَانَ رَبِّيْ هَلْ

ڪتاب لاهين، جنهن کي اسين پاڻ پڙهون. (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته منهنجو ربّ (هر قسم جي عيب کان) پاڪ آهي، آءٌ

كُنْتُ اِلَّا بَشَرًا رَّسُوْلًا ﴿٩٣﴾ وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا اِذْ ع ١٠

ته رڳو هڪ پيغام پهچائيندڙ بشر آهيان ﴿٩٣﴾ ۽ هدايت (۽ قرآن) جي اچڻ کان پوءِ ماڻهن کي ايمان آڻڻ کان رڳو

جَآءَهُمُ الْهُدٰٓى اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَبَعَثَ اللّٰهُ بَشَرًا رَّسُوْلًا ﴿٩٤﴾ قُلْ لَّوْ

هيءَ ڳالهه روڪي ٿي، جو اهي چون ٿا ته ڇا الله تعالىٰ هڪ بشر کي پيغمبر ڪري موڪليو آهي؟ ﴿٩٤﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!)

كَانَ فِي الْاَرْضِ مَلٰٓئِكَةٌ يَّمْشُوْنَ مُطْمَئِنِّيْنَ لَنَزَّلْنَا عَلَيْهِمْ مِّنَ

فرماءِ ته جيڪڏهن زمين ۾ (انسانن جي بجاءِ) فرشتا اطمينان سان هلندڙ هجن ها ته ضرور مٿن آسمان تان ڪنهن

السَّمَآءِ مَلَكًا رَّسُوۡلًا ﴿۹۵﴾ قُلۡ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيۡدًۢا بَيۡنِىۡ وَبَيۡنَكُمۡ ؕ

فرشتي کي رسول ڪري موڪليون ها ﴿۹۵﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ تہ منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ الله شاهد ڪافي آهي.

اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيۡرًۢا بَصِيۡرًا ﴿۹۶﴾ وَمَنۡ يَّهۡدِ اللّٰهُ فَهُوَ الۡمُهۡتَدِ ۚ

بيشڪ اهو پنهنجن ٻانهن کان باخبر ۽ (سندن حال کي) ڏسندڙ آهي ﴿۹۶﴾ ۽ جنهن کي الله هدايت ڏي، اهو ئي هدايت

وَمَنۡ يُّضۡلِلۡ فَلَنۡ تَجِدَ لَهُمۡ اَوۡلِيَآءَ مِنۡ دُوۡنِهٖ ؕ وَنَحۡشُرُهُمۡ يَوۡمَ

وارو آهي ۽ جنهن کي اهو گمراهہ ڪري، تنهن لاءِ ان کان سواءِ هرگز ڪي ٻہ ساٿي (۽ مددگار) نہ لهندين ۽ ڪين قيامت

الۡقِيٰمَةِ عَلٰى وُجُوۡهِهِمۡ عُمۡيًا وَّبُكۡمًا وَّصُمًّا ؕ مَاۡوٰٮهُمۡ جَهَنَّمُ ؕ كُلَّمَا

جي ڏينهن اونڌي منهن، انڌو ۽ گونگو ۽ ٻوڙو ڪري اٿاريندا سون. سندن ٽڪاڻو جهنم آهي. جڏهن بہ ٻاهہ جهڪي

خَبَتۡ زِدۡنٰهُمۡ سَعِيۡرًا ﴿۹۷﴾ ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمۡ بِاَنَّهُمۡ كَفَرُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَقَالُوۡۤا

ٿيندي، سندن لاءِ ان کي وڌيڪ ڀڙڪائيندا سون ﴿۹۷﴾ سندن اهو بدلو هن ڪري آهي جو اسان جي آيتن جا انڪاري ٿيا ۽ چوڻ

ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبۡعُوۡثُوۡنَ خَلۡقًا جَدِيۡدًا ﴿۹۸﴾ اَوَلَمۡ

لڳا تہ ڇا جڏهن مري ڳري هڏيون ۽ مٽي ٿي ويندا سون، تڏهن بہ اسان کي نئين مخلوق ڪري اٿاريو ويندو؟ ﴿۹۸﴾ ڇا نٿا ڏسن

يَرَوۡا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِىۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ قَادِرٌ عَلٰٓى اَنۡ يَّخۡلُقَ

تہ الله جنهن آسمانن ۽ زمين کي خلقيو آهي، سو هن ڳالهہ تي وس وارو آهي تہ انهن جهڙا ماڻهو پيدا ڪري ۽ سندن لاءِ

مِثۡلَهُمۡ وَجَعَلَ لَهُمۡ اَجَلًا لَّا رَيۡبَ فِيۡهِ ؕ فَاَبَى الظّٰلِمُوۡنَ اِلَّا كُفُوۡرًا ﴿۹۹﴾

اجل (يعني موت ۽ قيامت جو وقت) مقرر ڪري، جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي، پوءِ بہ ظالم (۽ مشرڪ قيامت جو) انڪار ڪن ٿا ﴿۹۹﴾

قُلۡ لَّوۡ اَنۡتُمۡ تَمۡلِكُوۡنَ خَزَآئِنَ رَحۡمَةِ رَبِّىۡۤ اِذًا لَّاَمۡسَكۡتُمۡ خَشۡيَةَ

(اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ تہ جيڪڏهن توهان منهنجي ربّ جي رحمت جي خزانن جا مالڪ هجو، تڏهن بہ محتاجيءَ جي خوف

النصف

الْاِنْفَاقِؕ وَكَانَ الْاِنْسَانُ قَتُوْرًا ﴿۱۰۰﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ

وچان مال خرچ ڪرڻ ۾ بخيلي ڪندا ۽ انسان آهي ئي بخيل ﴿۱۰۰﴾ ۽ بيشڪ اسان موسيٰ (عليه السلام) کي نو روشن نشانيون

فَسْــَٔلْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِذْ جَآءَهُمْ فَقَالَ لَهٗ فِرْعَوْنُ اِنِّيْ لَاَظُنُّكَ

ڏنيون، پوءِ بني اسرائيل کان پڇي ڏس، جڏهن وٽن (موسيٰ ڪليم الله) آيو. پوءِ فرعون چيو تہ اي موسيٰ! بيشڪ آءٌ ڀانيان ٿو تہ

يٰمُوْسٰى مَسْحُوْرًا ﴿۱۰۱﴾ قَالَ لَقَدْ عَلِمْتَ مَآ اَنْزَلَ هٰٓؤُلَآءِ اِلَّا رَبُّ

تو تي جادو ٿيل آهي ﴿۱۰۱﴾ (موسيٰ عليه السلام) چيو تہ بيشڪ تون ڄاڻي چڪو آهين تہ آسمانن ۽ زمين جي رب ئي اهي (نو نشانيون)

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ بَصَآئِرَ ۚ وَاِنِّيْ لَاَظُنُّكَ يٰفِرْعَوْنُ مَثْبُوْرًا ﴿۱۰۲﴾

لاٿيون آهن (جيئن منهنجي سچائيءَ لاءِ حجت ٿين) ۽ اي (لعنتي) فرعون! بيشڪ آءٌ ڀانيان ٿو تہ تون هلاڪ ٿيندڙ آهين ﴿۱۰۲﴾

فَاَرَادَ اَنْ يَّسْتَفِزَّهُمْ مِّنَ الْاَرْضِ فَاَغْرَقْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ جَمِيْعًا ۙ﴿۱۰۳﴾ وَّ

پوءِ ملڪ (مصر) مان (موسيٰ ۽ اسرائيلين کي) تڙي ڪڍڻ جو ارادو ڪيائين. پوءِ ان کي ۽ سندس سڀني ساٿين کي ٻوڙيوسون ﴿۱۰۳﴾

قُلْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ لِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اسْكُنُوا الْاَرْضَ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ

۽ ان کان پوءِ بني اسرائيل کي چيوسون تہ ملڪ (مصر) ۾ رهو. پوءِ جڏهن آخرت جو وعدو ايندو تہ توهان سڀني کي (مختلف هنڌن

جِئْنَا بِكُمْ لَفِيْفًا ؕ﴿۱۰۴﴾ وَبِالْحَقِّ اَنْزَلْنٰهُ وَبِالْحَقِّ نَزَلَ ؕ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا

تان) گڏ ڪري آڻينداسون ﴿۱۰۴﴾ ۽ اسان قرآن کي حق سان لاٿو آهي ۽ اهو حق سان ئي لٿو آهي ۽ اسان توکي خوشخبري ڏيندڙ ۽

مُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ۘ﴿۱۰۵﴾ وَقُرْاٰنًا فَرَقْنٰهُ لِتَقْرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكْثٍ وقف لازم

ڊيڄاريندڙ رسول ڪري موڪليو آهي ﴿۱۰۵﴾ ۽ اسان قرآن کي جدا جدا (سورتن ۽ آيتن ۾) لاٿو آهي، جيئن ماڻهن کي آهستي

وَّنَزَّلْنٰهُ تَنْزِيْلًا ﴿۱۰۶﴾ قُلْ اٰمِنُوْا بِهٖٓ اَوْ لَا تُؤْمِنُوْا ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا

آهستي (موقعي جي مناسبت سان) پڙهي ٻڌائين ۽ اسان ان کي ٿورو ٿورو ڪري لاٿو آهي ﴿۱۰۶﴾ فرماءِ تہ قرآن تي ايمان آڻيو يا

الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهٖٓ اِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ يَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ سُجَّدًا ﴿۱۰۷﴾ وَّ

ايمان نه آڻيو. بيشڪ جن کي هن کان اڳ علم ڏنو ويو آهي، جڏهن مٿن قرآن پڙهجي ٿو ته ڪاڏين ڀر سجدي ۾ ڪري پون ٿا ﴿۱۰۷﴾ ۽

يَقُوْلُوْنَ سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنْ كَانَ وَعْدُ رَبِّنَا لَمَفْعُوْلًا ﴿۱۰۸﴾ وَيَخِرُّوْنَ

چون ٿا ته اسان جو ربّ (عيبن کان) پاڪ آهي (۽ حضرت محمد ﷺ جي رسالت ۽ قرآن بابت) اسان جي ربّ جو وعدو پورو ٿيڻو

السجدة ٣ لِلْاَذْقَانِ يَبْكُوْنَ وَيَزِيْدُهُمْ خُشُوْعًا ﴿۱۰۹﴾ السجدة قُلِ ادْعُوا اللّٰهَ اَوِ ادْعُوا

آهي ﴿۱۰۸﴾ ۽ ڪاڏين ڀر ڪري پون ٿا ۽ روئين ٿا ۽ (قرآن منجهن خوف خدا ۽ عاجزي کي) وڌائي ٿو ﴿۱۰۹﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ ته توهان

الرَّحْمٰنَ ؕ اَيًّا مَّا تَدْعُوْا فَلَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ۚ وَلَا تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ

خدا تعاليٰ کي الله جي نالي سان سڏيو يا رحمٰن جي نالي سان سڏيو، جنهن به نالي سان ڪيس سڏيندا، سندس سهڻا نالا آهن ۽
نماز ۾ قرآن نه ڏاڍيان پڙهه (جو مشرڪ ٻڌي توهان کي ايذائيندا) ۽ نه ئي بلڪل هوريان پڙهه (جو اصحابي سڳورا ٻڌي نه سگهندا.)

وَلَا تُخَافِتْ بِهَا وَابْتَغِ بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا ﴿۱۱۰﴾ وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ

۽ انهن ٻنهي جي وچ واري واٽ اختيار ڪر ﴿۱۱۰﴾ ۽ فرماءِ ته سڀ ساراهه الله جي لاءِ آهي (اهو الله)، جنهن نه ڪنهن کي

الَّذِيْ لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِي الْمُلْكِ وَلَمْ

پنهنجو پٽ بڻايو آهي ۽ نه بادشاهيءَ ۾ سندس ڪو ڀائيوار آهي ۽ نه هيڻائيءَ جي ڪري سندس ڪو ساٿي آهي. (نه اڳ

ع ۱۲ يَكُنْ لَّهٗ وَلِيٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَكَبِّرْهُ تَكْبِيْرًا ﴿۱۱۱﴾ ع

هو، نه هاڻي آهي ۽ نه ڪڏهن ٿيندو) ۽ وڏ ۾ وڏ سندس وڏائي بيان ڪر، (بيشڪ اهو ئي وڏائي جو لائق آهي.) ﴿۱۱۱﴾

اٰيَاتُهَا ۱۱۰ (۱۸) سُوْرَةُ الْكَهْفِ مَكِّيَّةٌ (۶۹) رُكُوْعَاتُهَا ۱۲

سورة الڪهف مڪي آهي ۽ هن ۾ هڪ سو ڏهه آيتون ۽ ٻارنهن رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي دربار عاليه ۾ ويجهڙائي ڳولهيان ٿو. سندس نالي مبارڪ سان شروع ڪريان ٿو، اهو الله ئي رحمٰن ۽ رحيم آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْٓ اَنْزَلَ عَلٰی عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَلَمْ یَجْعَلْ لَّهٗ

سڀ شڪر ۽ ساراهه ۽ تعريف الله لاءِ آهي، جنهن پنهنجي (خاص الخاص) ٻانهي (حضرت محمد ﷺ جن) تي ڪتاب

عِوَجًا ؕ ﴿۱﴾ سکتة قَیِّمًا لِّیُنْذِرَ بَاْسًا شَدِیْدًا مِّنْ لَّدُنْهُ وَیُبَشِّرَ

(يعني قرآن) ڪي لاٿو ۽ ان ۾ ڏنگائي نه رکيائين (يعني ان کي توريت، انجيل ۽ ٻين آسماني ڪتابن جو مخالف نه ڪيائين) ﴿۱﴾
(بلڪ) هڪ سڌو سنئون (ڪتاب آهي)، جيئن (ڪافرن کي) الله تعاليٰ جي سخت عذاب کان ڊيڄاري ۽ مؤمنن کي خوشخبري

الْمُؤْمِنِیْنَ الَّذِیْنَ یَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا حَسَنًا ﴿۲﴾ لا

ڏي (يعني انهن مؤمنن کي بشارت ڏي)، جيڪي چڱا ڪم ڪن ٿا ته سندن لاءِ سهڻو اجر (يعني جنت) آهي ﴿۲﴾

مّٰكِثِیْنَ فِیْهِ اَبَدًا ﴿۳﴾ لا وَّیُنْذِرَ الَّذِیْنَ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ﴿۴﴾ ق

منجهس سدائين رهندڙ آهن ﴿۳﴾ ۽ انهن ماڻهن کي (الله جي عذاب کان) ڊيڄاري، جن چيو ته الله پٽ (جو اولاد) ورتو آهي ﴿۴﴾

مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ وَّلَا لِاٰبَآىِٕهِمْ ؕ كَبُرَتْ كَلِمَةً تَخْرُجُ مِنْ

انهيءَ (دعويٰ) جي لاءِ نه انهن وٽ ڪو علم آهي ۽ نه سندن ابن ڏاڏن وٽ (علم آهي.) وڏي (گناهه جي) ڳالهه آهي،

اَفْوَاهِهِمْ ؕ اِنْ یَّقُوْلُوْنَ اِلَّا كَذِبًا ﴿۵﴾ فَلَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ عَلٰٓی

جيڪا سندن واتن مان نڪري ٿي. اهي رڳو ڪوڙ ڳالهائين ٿا ﴿۵﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ!) جيڪڏهن اهي هن قرآن تي ايمان نه

اٰثَارِهِمْ اِنْ لَّمْ یُؤْمِنُوْا بِهٰذَا الْحَدِیْثِ اَسَفًا ﴿۶﴾ اِنَّا جَعَلْنَا مَا

آڻين ته شايد ان تي غم ۽ افسوس ڪندي پنهنجي نفس (شريف) کي هلاڪ ڪري ڇڏيندين ﴿۶﴾ بيشڪ زمين تي جيڪي

عَلَی الْاَرْضِ زِیْنَةً لَّهَا لِنَبْلُوَهُمْ اَیُّهُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ﴿۷﴾ وَاِنَّا

شيون (وڻ ٽڻ، درياءَ ۽ جانور وغيره) آهن، تن کي اسان زمين لاءِ زينت بڻايو آهي ته جيئن انهن کي آزمايون ته انهن مان ڪير وڌيڪ چڱا
عملَ ڪندڙ آهي (يعني ڪپڙن ۽ گهوڙن ۽ گهرن جي چڱائي ۽ سهڻائي گهربل نه آهي.) ﴿۷﴾ ۽ بيشڪ جيڪي ڪجهه زمين

لَجٰعِلُوْنَ مَا عَلَیْهَا صَعِیْدًا جُرُزًا ﴿۸﴾ ط اَمْ حَسِبْتَ اَنَّ اَصْحٰبَ

۾ آهي، تنهن کي اسين برپٽ ميدان ڪرڻ وارا آهيون ﴿۸﴾ يا تون ڀانئين ٿو ته غار وارا ۽ رقيم وارا (يعني ان تختيءَ

الْكَهْفِ وَالرَّقِيْمِ ۙ كَانُوْا مِنْ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ۝٩ اِذْ اَوَى الْفِتْيَةُ اِلَى

وارا، جنهن تي سندن نالا لکيل آهن)، اسان جي ڪن عجيب نشانين مان آهن؟ ⑨ (ياد ڪر) جڏهن (انهن) نوجوانن

الْكَهْفِ فَقَالُوْا رَبَّنَآ اٰتِنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً وَّهَيِّئْ لَنَا مِنْ

(ڪافرن کان ڀڄي وڃي) غار ۾ پناهه ورتي. پوءِ چيائون ته ربّ اسان جا! اسان کي پنهنجي طرفان رحمت بخش ۽

اَمْرِنَا رَشَدًا ۝١٠ فَضَرَبْنَا عَلٰٓى اٰذَانِهِمْ فِى الْكَهْفِ سِنِيْنَ

اسان جي ڪم ۾ پنهنجي طرفان ڀلائي پيدا ڪر (جيڪا تنهنجي حضور ۾ ويجهڙائي جو سبب ٿئي.) ⑩ پوءِ اسان
غار ۾ ڪيترن ئي سالن تائين سندن ڪنن کي (آوازن جي) ٻڌڻ کان بند ڪري ڇڏيو (ته جيئن اهي اتي ننڊ جي حالت

عَدَدًا ۝١١ ثُمَّ بَعَثْنٰهُمْ لِنَعْلَمَ اَيُّ الْحِزْبَيْنِ اَحْصٰى لِمَا لَبِثُوْٓا

۾ رهن) ⑪ ان کان پوءِ کين جياريوسون ته جيئن اسين ڄاڻون ته جيڪا مدت رهيا، سا ٻنهي ٽولين (يعني مؤمنن ۽ ڪافرن)

اَمَدًا ۝١٢ ع نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ نَبَاَهُمْ بِالْحَقِّ ۭ اِنَّهُمْ فِتْيَةٌ اٰمَنُوْا ع ١ ١٢ ١٣

مان ڪنهن کي وڌيڪ ياد آهي ⑫ اسان توکي سندن سچي خبر بيان ڪري ٻڌايون ٿا. بيشڪ اهي ڪجهه جوان هئا، جن

بِرَبِّهِمْ وَزِدْنٰهُمْ هُدًى ۝١٣ ۖ وَّرَبَطْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اِذْ قَامُوْا

پنهنجي ربّ تي ايمان آندو ۽ اسين کين (ايمان ۾) هدايت ۾ وڌايو ⑬ ۽ سندن دلين کي (ايمان ۾) مضبوط ڪيوسون. جڏهن

فَقَالُوْا رَبُّنَا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَنْ نَّدْعُوَا۟ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِلٰهًا

اهي اٿيا، پوءِ چيائون ته اسان جو ربّ، آسمانن ۽ زمين جو ربّ آهي. ان کان سواءِ ڪنهن کي معبود نه سڏيندا سون (سڏيوسون ته)

لَّقَدْ قُلْنَآ اِذًا شَطَطًا ۝١٤ هٰٓؤُلَاۗءِ قَوْمُنَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً ۭ

بيشڪ ان وقت (الله جي باري ۾) اڻنگي ڳالهه چوندا سون ⑭ اسان جي هن قوم الله کان سواءِ ڪجهه (باطل) معبود ٺهرايا

لَوْلَا يَاْتُوْنَ عَلَيْهِمْ بِسُلْطٰنٍۢ بَيِّنٍ ۭ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى

آهن. انهن جي (بندگيءَ جي) حق ۾ روشن دليل ڇونه ٿا آڻين؟ پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جيڪو الله تي ڪوڙ

عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ﴿١٥﴾ وَاِذِ اعْتَزَلْتُمُوْهُمْ وَمَا يَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ

بهتان هڻي ﴿١٥﴾ ۽ (سندن سردار چيو تہ) جڏھن توھان انھن ۽ (سندن معبودن) کي ڇڏي چڪا آھيو، جن کي الله کان

فَاْوٗٓا اِلَى الْكَهْفِ يَنْشُرْ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِّنْ رَّحْمَتِهٖ وَيُهَيِّئْ لَكُمْ

سواءِ پڪارين ٿا، تہ پوءِ (ڇاتل سڃاتل) غار ۾ پناھ وٺو. توھان جو ربّ توھان تي پنھنجي رحمت پکيڙيندو ۽ توھان جي

مِّنْ اَمْرِكُمْ مِّرْفَقًا ﴿١٦﴾ وَتَرَى الشَّمْسَ اِذَا طَلَعَتْ تَّزٰوَرُ عَنْ

ڪم ۾ توھان لاءِ آساني پيدا ڪندو ﴿١٦﴾ ۽ (جيڪڏھن اتي ھجين ھا تہ) سج کي اڀرڻ وقت سندن غار کان ساڄي پاسي ۽

كَهْفِهِمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَاِذَا غَرَبَتْ تَّقْرِضُهُمْ ذَاتَ الشِّمَالِ

لھڻ وقت کاٻي پاسي لڙندي ڏسين ھا (تہ جيئن اُس کان محفوظ رھن) ۽ اھي غار جي ويڪري ميدان ۾ ھئا. اھا (سڄ

وَهُمْ فِيْ فَجْوَةٍ مِّنْهُ ؕ ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ

جي اھڙي نموني اچ وڃ) الله جي نشانين مان آھي. جنھن کي الله ھدايت ڏئي ٿو، سو ئي ھدايت وارو آھي ۽ جنھن

الْمُهْتَدِ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ وَلِيًّا مُّرْشِدًا ﴿١٧﴾ ع وَتَحْسَبُهُمْ

کي (الله) گمراھ ڪري ٿو، تنھن لاءِ ھرگز سڌي واٽ ڏيکاريندڙ ڪو دوست نہ لھندين ﴿١٧﴾ ۽ (سندن اکيون کليل ڏسين ھا تہ)

اَيْقَاظًا وَّهُمْ رُقُوْدٌ ۖ وَّنُقَلِّبُهُمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَذَاتَ الشِّمَالِ ۖ

کين جاڳيل ڀائئين ھا ۽ اھي ننڊ ۾ ھئا ۽ اسان انھن جا پاسا، ساڄي ۽ کاٻي طرف ورائي رھيا ھئاسون (جيئن سندن

وَكَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ ؕ لَوِ اطَّلَعْتَ عَلَيْهِمْ لَوَلَّيْتَ

اھا جاءِ خراب نہ ٿئي) ۽ سندن ڪتو چائنٽ تي پنھنجون اڳيون ٽنگون ڊگھيڙي پيو ھو. جيڪڏھن انھن ڏانھن جھاتي

مِنْهُمْ فِرَارًا وَّلَمُلِئْتَ مِنْهُمْ رُعْبًا ﴿١٨﴾ وَكَذٰلِكَ بَعَثْنٰهُمْ لِيَتَسَآءَلُوْا

پائي ڏسين ھا تہ يقينا (خوف ۽ دھشت وچان) انھن کي پٺي ڏئي ڀڄين ھا ۽ توني سندن رعب ڇائنجي وڃي ھا ﴿١٨﴾ ۽
اھڙيءَ طرح انھن کي اٿاريوسون، جيئن ھڪ ٻئي کان (ننڊ جي حالت ۾ رھيل مدّت جي باري ۾) پڇا ڪن. انھن مان ھڪ

بَيْنَهُمْ ؕ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ كَمْ لَبِثْتُمْ ؕ قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ

چوندڙ چيو تہ ڪيتري مدّت (ننڊ جي حالت ۾) رهيا آهيو؟ انهن چيو تہ هڪ اڌ ڏينهن رهيا آهيون. چوڻ لڳا تہ توهان جو ربّ

يَوْمٍ ؕ قَالُوْا رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثْتُمْ ؕ فَابْعَثُوْٓا اَحَدَكُمْ بِوَرِقِكُمْ

وڌيڪ ڄاڻي ٿو تہ ڪيتري مدّت رهيا آهيو. پوءِ پاڻ مان ڪنهن هڪ کي پنهنجو چانديءَ جو هيءُ سڪو ڏئي شهر (افسوس

هٰذِهٖٓ اِلَى الْمَدِيْنَةِ فَلْيَنْظُرْ اَيُّهَآ اَزْكٰى طَعَامًا فَلْيَاْتِكُمْ

فنيلط طوس) ڏانهن موڪليو. پوءِ ڪيس گهرجي تہ ڏسي وائسي وڌ ۾ وڌ سنو (۽ حلال) کاڌو توهان وٽ آڻي ۽ هوشياريءَ

بِرِزْقٍ مِّنْهُ وَلْيَتَلَطَّفْ وَلَا يُشْعِرَنَّ بِكُمْ اَحَدًا ﴿۱۹﴾ اِنَّهُمْ

ڪان ڪم وٺي ۽ توهان (جي حال ۽ هنڌ) جي باري ۾ (شهر وارن مان) ڪنهن هڪ کي بہ هرگز ڄاڻ نہ ڏي ﴿۱۹﴾ بيشڪ اهي

اِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ يَرْجُمُوْكُمْ اَوْ يُعِيْدُوْكُمْ فِيْ مِلَّتِهِمْ وَلَنْ

جيڪڏهن توهان تي غالب آيا تہ پٿر هڻي توهان کي ماري ڇڏيندا يا توهان کي پنهنجي مذهب ۾ موٽائيندا ۽ ان وقت

تُفْلِحُوْٓا اِذًا اَبَدًا ﴿۲۰﴾ وَكَذٰلِكَ اَعْثَرْنَا عَلَيْهِمْ لِيَعْلَمُوْٓا اَنَّ وَعْدَ

توهان هرگز ڪامياب نہ ٿيندا ﴿۲۰﴾ اهڙيءَ طرح (سندن ننڊ ۽ بيداريءَ جي حال ڪان ان زماني جي ماڻهن کي) باخبر

اللّٰهِ حَقٌّ وَّاَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيْبَ فِيْهَا ۚ اِذْ يَتَنَازَعُوْنَ بَيْنَهُمْ

ڪيوسون، جيئن ڄاڻن تہ الله (جي عذاب ۽ ثواب) جو وعدو سچو آهي ۽ بيشڪ قيامت اچڻ واري آهي، جنهن ۾ ڪو شڪ

اَمْرَهُمْ فَقَالُوا ابْنُوْا عَلَيْهِمْ بُنْيَانًا ؕ رَبُّهُمْ اَعْلَمُ بِهِمْ ؕ قَالَ

نہ آهي. (۽ اي محمد ﷺ! ياد ڪر) جڏهن سندن معاملي ۾ (۽ سندن حال ۽ تعداد جي باري ۾ ان زماني وارا) پاڻ ۾
جهڳڙو ڪرڻ لڳا. پوءِ چيائون تہ انهن تي ڪا (يادگار) عمارت ٺاهيو. سندن ربّ (سندن حال ۽ تعداد کي) وڌيڪ ڄاڻي ٿو.

الَّذِيْنَ غَلَبُوْا عَلٰٓى اَمْرِهِمْ لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيْهِمْ مَّسْجِدًا ﴿۲۱﴾ سَيَقُوْلُوْنَ

جيڪي ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ غالب ٿيا، تن چيو تہ انهن (جي غار) تي ضرور مسجد اڏينداسون ﴿۲۱﴾ سگهوئي چوندا تہ

ثَلٰثَةٌ رَّابِعُهُمْ كَلْبُهُمْ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ خَمْسَةٌ سَادِسُهُمْ كَلْبُهُمْ

(غار وارا) ٽي ڄڻا هئا ۽ چوٿون سندن ڪتو هو ۽ (ڪي) چوندا ته پنج ڄڻا هئا ۽ ڇهون سندن ڪتو هو. ڳجهه جي باري ۾

رَجْمًا بِالْغَيْبِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ سَبْعَةٌ وَّثَامِنُهُمْ كَلْبُهُمْ ۭ قُلْ رَّبِّيْٓ

ڌڪا هڻن ٿا. ۽ (ڪي) چوندا ته ست ڄڻا هئا ۽ اٺون سندن ڪتو هو. (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته سندن تعداد ڪي منهنجو

اَعْلَمُ بِعِدَّتِهِمْ مَّا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا قَلِيْلٌ ڨ فَلَا تُمَارِ فِيْهِمْ اِلَّا

ربّ وڌيڪ ڄاڻي ٿو. ڪين ڪي گهٽ ماڻهو ڄاڻن ٿا. پوءِ سندن باري ۾ تڪرار نه ڪر، مگر ظاهري تڪرار (يعني جيترو

مِرَآءً ظَاهِرًا ۠ وَّلَا تَسْتَفْتِ فِيْهِمْ مِّنْهُمْ اَحَدًا ﴿٢٢﴾ ع وَلَا تَقُوْلَنَّ ع ٣ ١٥

بيان توتي نازل ٿيو آهي) ۽ سندن باري ۾ انهن (ڪتاب وارن) مان ڪنهن هڪ کان به نه پڇ ﴿٢٢﴾ ۽ ڪنهن ڪم جي

لِشَايْءٍ اِنِّيْ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ﴿٢٣﴾ لا اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ز وَاذْكُرْ

باري ۾ نه چوندو ڪر ته بيشڪ آءٌ ان ڪي سڀاڻي ڪرڻ وارو آهيان ﴿٢٣﴾ (پر چوندو ڪر ته) "جيڪڏهن الله گهريو." ۽ جڏهن

رَّبَّكَ اِذَا نَسِيْتَ وَقُلْ عَسٰٓى اَنْ يَّهْدِيَنِ رَبِّيْ لِاَقْرَبَ مِنْ

توکان (نماز پڙهڻ يا انشاءَ الله چوڻ) وسري وڃي ته پنهنجي ربّ کي ياد ڪر ۽ چؤ ته ويجهو آهي ته منهنجو ربّ

هٰذَا رَشَدًا ﴿٢٤﴾ وَلَبِثُوْا فِيْ كَهْفِهِمْ ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِيْنَ وَازْدَادُوْا

هن کان وڌيڪ صحيح ڪم ڏانهن منهنجي رهنمائي فرمائي ﴿٢٤﴾ ۽ اهي پنهنجي غار ۾ ٽي سو ۽ نو (٣٠٩) سال وڌيڪ

تِسْعًا ﴿٢٥﴾ قُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثُوْا ۚ لَهٗ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَ

رهيا ﴿٢٥﴾ فرماءِ ته جيتري به مدت رهيا، ان کي الله وڌيڪ ڄاڻي ٿو. آسمانن ۽ زمين جي ڳجهه جو علم وٽس ئي آهي. اهو (هر

الْاَرْضِ ۭ اَبْصِرْ بِهٖ وَاَسْمِعْ ۭ مَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ ز وَّلَا

موجود شيءِ کي) ڪهڙو نه عجيب ڏسندڙ ۽ ڪهڙو نه عجيب ٻڌندڙ آهي. الله کان سواءِ سندن ڪو مددگار نه آهي ۽ اهو پنهنجي

يُشْرِكُ فِيْ حُكْمِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٦﴾ وَاتْلُ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنْ كِتَابِ

حڪم ۾ ڪنهن کي شريڪ نٿو ڪري ﴿٢٦﴾ ۽ تو ڏانهن تنهنجي ربّ جي طرفان جيڪو ڪتاب وحيءَ جي ذريعي موڪليو ويو آهي،

رَبِّكَ ۚ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ وَلَنْ تَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا ﴿٢٧﴾

ان کي پڙهه (۽ مٿس عمل ڪر.) سندس ڳالهين کي ڪو بدلائڻ وارو نه آهي ۽ ان کان سواءِ هرگز ڪا پناهه جي جاءِ نه لهندين ﴿٢٧﴾

وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ

۽ صبر ڪر (۽ پنهنجي پاڪ نفس کي) انهن ماڻهن سان گڏ رک، جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي ربّ کي ياد ڪن ٿا، سندس

يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ وَلَا تَعْدُ عَيْنٰكَ عَنْهُمْ ۚ تُرِيْدُ زِيْنَةَ الْحَيٰوةِ

رضامندي ڳولهين ٿا ۽ (قريش جي سردارن کي خوش ڪرڻ لاءِ) انهن کان پنهنجيون اکيون نه ڦيراءِ (ڇا) دنيا جي حياتيءَ

الدُّنْيَا ۚ وَلَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ

جو سينگار گهرين ٿو ۽ ان شخص جي پيروي نه ڪر، جنهن جي دل کي اسان پنهنجي ذڪر کان غافل ڪري ڇڏيو آهي ۽

وَكَانَ اَمْرُهٗ فُرُطًا ﴿٢٨﴾ وَقُلِ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكُمْ ۗ فَمَنْ شَآءَ

الثلثة

جيڪو پنهنجي خواهش جي پيروي ڪري ٿو ۽ سندس ڪم حد کان لنگهيل (يعني هلاڪت ۽ تباهي وارو) آهي ﴿٢٨﴾ ۽ فرماءِ ته (اسلام ۽
قرآن) توهان جي ربّ جي طرفان برحق آهي. پوءِ جيڪو گهري سو ايمان آڻي ۽ جيڪو گهري سو ڪفر ڪري. بيشڪ اسان ظالمن

فَلْيُؤْمِنْ وَّمَنْ شَآءَ فَلْيَكْفُرْ ۙ اِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِيْنَ نَارًا ۙ

(۽ ڪافرن) جي لاءِ دوزخ کي تيار ڪري رکيو آهي، انهن تي ان جو داروغو مقرر آهي ۽ جيڪڏهن (دوزخي) پاڻيءَ

اَحَاطَ بِهِمْ سُرَادِقُهَا ۭ وَاِنْ يَّسْتَغِيْثُوْا يُغَاثُوْا بِمَآءٍ كَالْمُهْلِ

جي لاءِ فرياد ڪندا ته سندن فرياد جي موٽ ۾ ڪين ٽهڪايل تيل (يا اباريل ٽامي) جهڙو پاڻي پياريو ويندو، جيڪو سندن

يَشْوِي الْوُجُوْهَ ۭ بِئْسَ الشَّرَابُ ۭ وَسَاۗءَتْ مُرْتَفَقًا ﴿٢٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ

منهن کي پُچي ڇڏيندو. پيئڻ جي اها ڏاڍي بڇڙي شيءِ آهي ۽ (دوزخ) رهڻ جي ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ﴿٢٩﴾ بيشڪ

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اِنَّا لَا نُضِيْعُ اَجْرَ مَنْ اَحْسَنَ عَمَلًا ﴿٣٠﴾

جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، بيشڪ اسان سهڻا ڪم ڪندڙن جو اجر ضايع نه ڪندا آهيون ﴿٣٠﴾

اُولٰٓئِكَ لَهُمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ يُحَلَّوْنَ

سندن (رهڻ) لاءِ هميشه وارا باغ آهن. سندن (محلات ۽ گهرن ۽ تختن) جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. ڪين

فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّيَلْبَسُوْنَ ثِيَابًا خُضْرًا مِّنْ

منجهن سونن ڪنگڻن جا زيور پارايا ويندا (جيڪي دنياوي بادشاهن جي زينت هوندا آهن) ۽ ڪين سنهي ۽

سُنْدُسٍ وَّاِسْتَبْرَقٍ مُّتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا عَلَى الْاَرَآئِكِ نِعْمَ الثَّوَابُ

ٿلهي ريشم جا ساوا ڪپڙا پارايا ويندا . اتي تختن تي ٽيڪ ڏئي ويهندا. ڏاڍو چڱو ثواب آهي ۽ (جنت)

وَحَسُنَتْ مُرْتَفَقًا ﴿٣١﴾ وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا رَّجُلَيْنِ جَعَلْنَا

رهڻ جي ڏاڍي سهڻي جاءِ آهي ﴿٣١﴾ ۽ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) سندن لاءِ ٻن ڄڻن جو مثال بيان ڪر، جن مان هڪڙي (يعني

لِاَحَدِهِمَا جَنَّتَيْنِ مِنْ اَعْنَابٍ وَّحَفَفْنٰهُمَا بِنَخْلٍ وَّجَعَلْنَا بَيْنَهُمَا

ڪافر) کي انگورن جا ٻه باغ ڏناسون، جن جي چوڌاري ڪجين جا وڻ اپاياسون ۽ انهن ٻنهي (باغن) جي وچ ۾ پوک پيدا

زَرْعًا ﴿٣٢﴾ كِلْتَا الْجَنَّتَيْنِ اٰتَتْ اُكُلَهَا وَلَمْ تَظْلِمْ مِّنْهُ شَيْـًٔا وَّ

ڪئي سون ﴿٣٢﴾ ٻنهي باغن پنهنجا پنهنجا ميوا (چڱي نموني) ڏنا ۽ ان ۾ ڪا به گهٽتائي نه ڪيائون ۽

فَجَّرْنَا خِلٰلَهُمَا نَهَرًا ﴿٣٣﴾ وَّكَانَ لَهٗ ثَمَرٌ فَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَهُوَ

اسان انهن جي وچ ۾ واهيون وهايون ﴿٣٣﴾ ۽ باغ ۾ (گهڻوئي) ميوو لٿو. پوءِ پنهنجي (مؤمن) ساٿيءَ تي فخر ڪندي (۽

يُحَاوِرُهٗٓ اَنَا اَكْثَرُ مِنْكَ مَالًا وَّاَعَزُّ نَفَرًا ﴿٣٤﴾ وَدَخَلَ جَنَّتَهٗ وَهُوَ

ان جي مال متاع جي پرک لهڻ لاءِ) ڪيس چيائين ته آءٌ تو کان مال جي لحاظ سان گهڻو ۽ ماڻهن (جي تعداد) جي لحاظ

ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ قَالَ مَآ اَظُنُّ اَنْ تَبِيْدَ هٰذِهٖٓ اَبَدًا ﴿٣٥﴾ ۙ وَّمَآ

سان وڌيڪ عزت وارو آهيان ﴿٣٤﴾ ۽ پنهنجي باغ ۾ هن حالت ۾ داخل ٿيو، جو پاڻ تي ظلم ڪندڙ هو. چوڻ لڳو ته آءٌ نٿو ڀانيان ته
هيءُ (باغ) ڪڏهن برباد ٿيندو ﴿٣٥﴾ ۽ آءٌ نٿو ڀانيان ته قيامت قائم ٿيڻ واري آهي ۽ (فرض ڪر ته)، جيڪڏهن مون کي پنهنجي

اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّلَئِنْ رُّدِدْتُّ اِلٰى رَبِّيْ لَاَجِدَنَّ خَيْرًا

ربّ ڏانهن موٽايو به ويو (يعني جيڪڏهن حشر نشر واقع ٿيو به) ته به (دنيا جي هن مال، ملڪيت وانگر) ضرور موٽڻ جي هن

مِّنْهَا مُنْقَلَبًا ﴿٣٦﴾ ۚ قَالَ لَهٗ صَاحِبُهٗ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗٓ اَكَفَرْتَ

کان چڱي جاءِ لهندس ﴿٣٦﴾ ڪيس سندس (مسلمان) ساٿيءَ جواب ڏيندي چيو ته ڇا خدا جو ڪافر ٿيو آهين، جنهن توکي

بِالَّذِيْ خَلَقَكَ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ سَوّٰىكَ رَجُلًا ﴿٣٧﴾ ط

(پهريائين) مٽيءَ مان، پوءِ (ماءُ جي پيٽ ۾) نطفي مان پيدا ڪيو. پوءِ توکي تيار ڪري پورو مرد بڻايائين ﴿٣٧﴾

لٰكِنَّا۠ هُوَ اللّٰهُ رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا ﴿٣٨﴾ وَلَوْلَآ اِذْ

پر (آءٌ چوان ٿو ته دراصل) الله ئي منهنجو ربّ آهي ۽ آءٌ پنهنجي ربّ سان ڪنهن کي شريڪ نٿو ڪريان ﴿٣٨﴾ ۽ جڏهن پنهنجي

دَخَلْتَ جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ اِنْ

باغ ۾ داخل ٿئين، ان وقت تو چو نه چيو ته جيڪي الله گهري ٿو، ٿئي ٿو. (مال، ملڪيت، نعمت ۽ اطاعت) صرف الله (جي مدد ۽

تَرَنِ اَنَا اَقَلَّ مِنْكَ مَالًا وَّوَلَدًا ﴿٣٩﴾ ۚ فَعَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يُّؤْتِيَنِ

توفيق سان) آهي. جيڪڏهن مون کي پاڻ کان مال ۽ اولاد ۾ گهٽ ڏسين ٿو ﴿٣٩﴾ پوءِ ويجهو آهي ته منهنجو ربّ مون کي

خَيْرًا مِّنْ جَنَّتِكَ وَيُرْسِلَ عَلَيْهَا حُسْبَانًا مِّنَ السَّمَآءِ

(آخرت ۾ ۽ پڻ دنيا ۾ به) تنهنجي باغ کان وڌيڪ چڱو (باغ وغيره) ڏي ۽ ان تي (تنهنجي گناه سبب) آسمان مان ڪو عذاب

فَتُصْبِحَ صَعِيْدًا زَلَقًا ﴿٤٠﴾ ۙ اَوْ يُصْبِحَ مَآؤُهَا غَوْرًا فَلَنْ تَسْتَطِيْعَ

(يا باهه) لاهي، پوءِ اهو برپٽ ميدان ٿي پوي ﴿٤٠﴾ يا ان (باغ) جو پاڻي زمين ڇُهي سڪائي ڇڏي، پوءِ ان کي هرگز لهي نه

لَهٗ طَلَبًا ﴿٤١﴾ وَاُحِيْطَ بِثَمَرِهٖ فَاَصْبَحَ يُقَلِّبُ كَفَّيْهِ عَلٰى مَآ اَنْفَقَ

سگهندين (چاڪاڻ تہ ان جو نالو نشان ئي باقي نہ هوندو.) ﴿٤١﴾ ۽ ان جي ميوي کي ناس ڪيو ويو. پوءِ جيڪي ڪجهہ ان ۾
خرچ ڪيو هئائين، تنهن تي (پشيمانيءَ وچان) پنهنجا هٿ مَليندو رهيو ۽ اهو (باغ) پاڙئون پٽجي ويران ٿي ويو ۽

فِيْهَا وَهِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ

(اهو ظالم شخص) چئي رهيو هو تہ هاءِ مون تي افسوس! جيڪر آءٌ پنهنجي ربّ سان ڪنهن هڪ کي بہ

اُشْرِكْ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا ﴿٤٢﴾ وَلَمْ تَكُنْ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ

شريڪ نہ ڪريان ها ﴿٤٢﴾ ۽ الله کان سواءِ ڪا ٽولي سندس مدد ڪندڙ نہ هئي ۽ نہ ئي پاڻ بدلو وٺڻ وارو هو (۽ نہ وري

دُوْنِ اللّٰهِ وَمَا كَانَ مُنْتَصِرًا ﴿٤٣﴾ؕ هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ؕ

ڪوسندس فرياد ٻڌندڙ هو.) ﴿٤٣﴾ انهيءَ جاءِ تي (يعني قيامت ۾) سڀ مدد (۽ سموري طاقت) سچي الله لاءِ هوندي (۽ اهي
مشرڪن جا باطل معبود انهن کان بيزار ٿي ويندا ۽) اهو (الله پنهنجي چاهيندڙن کي) ثواب ڏيڻ ۾ بہ وڌيڪ چڱو

هُوَ خَيْرٌ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ عُقْبًا ﴿٤٤﴾ ع وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلَ الْحَيٰوةِ ٥ ١٣ ١٤

آهي ۽ بدلو ڏيڻ ۾ وڌيڪ چڱو آهي ﴿٤٤﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) انهن جي لاءِ دنياوي حياتيءَ جو مثال بيان ڪر. (جيڪو ائين
آهي)، جيئن اسان آسمان تان پاڻي لاٿو، جنهن سان زمين مان گهاٽي اوپڙ (۽ ساوڪ) ڦٽندي آهي. پوءِ

الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ

(ان ۾ تازگي ۽ ساوڪ ظاهر ٿيندي آهي.) پوءِ (ڪجهہ ڏينهن کان بعد اها ساوڪ ۽ اها پوک) سڪي ٻُنهہ

فَاَصْبَحَ هَشِيْمًا تَذْرُوْهُ الرِّيٰحُ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

ٿي پوندي آهي، جنهن کي هوائون اڏارينديون رهنديون آهن ۽ الله تعاليٰ هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو

مُّقْتَدِرًا ﴿٤٥﴾ اَلْمَالُ وَالْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ج وَالْبٰقِيٰتُ

آهي ﴿٤٥﴾ مال ۽ اولاد دنيا جي حياتيءَ جو سينگار آهن ۽ باقي رهندڙ نيڪيون (يعني پنج وقتي نماز قائم ڪرڻ ۽

الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ اَمَلًا ﴿٤٦﴾ وَيَوْمَ نُسَيِّرُ

سبحان الله، الحمد لله، لا الـه الا الله ۽ الله اڪبر جون تسبيحات پڙهڻ) تنهنجي ربّ وٽ ثواب جي لحاظ سان بہ بهترين آهن
۽ اميد جي لحاظ سان بہ ڏاڍيون چڱيون آهن ﴿٤٦﴾ ۽ (ياد ڪر اهو ڏينهن جڏهن روءِ زمين جي سيني) جبلن کي

الْجِبَالَ وَتَرَى الْاَرْضَ بَارِزَةً ۙ وَّحَشَرْنٰهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ مِنْهُمْ

هلائيندا سون ۽ زمين کي بلڪل برپٽ ميدان ڏسندين ۽ انهن کي گڏ ڪنداسون، پوءِ انهن مان ڪنهن هڪ کي به نه

اَحَدًا ﴿٤٧﴾ وَعُرِضُوْا عَلٰى رَبِّكَ صَفًّا ۭ لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا كَمَا خَلَقْنٰكُمْ

ڇڏينداسون ﴿٤٧﴾ ۽ (سڀئي) تنهنجي ربّ وٽ قطارن ۾ پيش ڪيا ويندا. بيشڪ جيئن اسان پهرئين پيري توهان کي
(اڳهاڙو ۽ اڪيلو) پيدا ڪيو هو، تيئن (اڄ) اسان وٽ وري آيا آهيو. بلڪ (اي غافلو!) توهان ته پائيندا هئا ته اسين (پيغمبرن

اَوَّلَ مَرَّةٍ ۢ بَلْ زَعَمْتُمْ اَلَّنْ نَّجْعَلَ لَكُمْ مَّوْعِدًا ﴿٤٨﴾ وَوُضِعَ

جي زباني توهان سان حشر نشر جو ڪيل پنهنجو) وعدو پورو نه ڪنداسون ﴿٤٨﴾ ۽ (هر شخص کي) اعمالنامو (سندس

الْكِتٰبُ فَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا فِيْهِ وَيَقُوْلُوْنَ

هٿ ۾) پيش ڪيو ويندو. پوءِ جيڪي ڪجهه اعمالنامي ۾ هوندو، تنهن جي ڪري ڏوهارين کي ڏڪندڙ (۽ ڪنبندڙ)

يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً

ڏسندين ۽ چوندا ته اسان تي افسوس! هن اعمالنامي جو ڇا حال آهي، جو نه ڪو ننڍو گناهه ڇڏيو اٿس ۽ نه ڪو وڏو گناهه

اِلَّآ اَحْصٰىهَا ۚ وَوَجَدُوْا مَا عَمِلُوْا حَاضِرًا ۭ وَلَا يَظْلِمُ رَبُّكَ

ڇڏيو اٿس، مگر سڀ ڪجهه لکيو اٿس ۽ جيڪي ڪم ڪيا هوندائون، تن کي حاضر لهندا ۽ تنهنجو ربّ ڪنهن هڪ تي ظلم

ع ٥ ٦ ١٨ اَحَدًا ﴿٤٩﴾ وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰۗىِٕكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ

نه ڪندو آهي ﴿٤٩﴾ ۽ (ياد ڪر) جڏهن فرشتن کي چيوسون ته آدم کي سجدو ڪريو، پوءِ سواءِ ابليس جي (سڀني) سجدو

اِبْلِيْسَ ۭ كَانَ مِنَ الْجِنِّ فَفَسَقَ عَنْ اَمْرِ رَبِّهٖ ۭ اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ

ڪيو (ابليس فرشتن جي) جنن (واري قبيلي ۽ ٽوليءَ) مان هو. پوءِ پنهنجي ربّ جي حڪم کان نافرماني ڪيائين (۽

وَذُرِّيَّتَهٗٓ اَوْلِيَاۗءَ مِنْ دُوْنِيْ وَهُمْ لَكُمْ عَدُوٌّ ۭ بِئْسَ لِلظّٰلِمِيْنَ

متڪبرن لاءِ ابليس جو قصو بيان ڪر، جيئن وڏائي ۽ خود پرستيءَ جو انجام ڏسن.) ڇا پوءِ مون کان سواءِ

بَدَلًا ﴿۵۰﴾ مَاۤ اَشۡهَدۡتُّهُمۡ خَلۡقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَلَا خَلۡقَ

شيطان ۽ سندس اولاد کي دوست بڻائيندؤ، حالانڪ اهي توهان جا دشمن آهن؟ ظالمن لاءِ ڏاڍو بڇڙو بدلو آهي ﴿۵۰﴾ نه مون آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪرڻ وقت ۽ نه انهن (ماڻهن) کي پيدا ڪرڻ جي وقت (ابليس ۽ سندس اولاد کي) حاضر

اَنۡفُسِهِمۡ ۪ وَمَا كُنۡتُ مُتَّخِذَ الۡمُضِلِّيۡنَ عَضُدًا ﴿۵۱﴾ وَيَوۡمَ يَقُوۡلُ

ڪيو هو ۽ نڪي آءٌ گمراهن کان مدد وٺندڙ آهيان ﴿۵۱﴾ ۽ (ياد ڪر اهو) ڏينهن، (جڏهن الله مشرڪن کي) فرمائيندو ته

نَادُوۡا شُرَكَآءِىَ الَّذِيۡنَ زَعَمۡتُمۡ فَدَعَوۡهُمۡ فَلَمۡ يَسۡتَجِيۡبُوۡا

سڏيو منهنجن انهن شريڪن کي، جن کي توهان ڀائيندا هئا. پوءِ ڪين سڏيندا پر انهن کي جواب نه ڏيندا ۽ سندن

لَهُمۡ وَجَعَلۡنَا بَيۡنَهُمۡ مَّوۡبِقًا ﴿۵۲﴾ وَرَاَ الۡمُجۡرِمُوۡنَ النَّارَ فَظَنُّوۡۤا

وچ ۾ هلاڪت جو هڪ هنڌ (يا هڪ رڪاوٽ قائم) ڪنداسون ﴿۵۲﴾ ۽ ڏوهاري دوزخ کي ڏسندا، پوءِ يقين

اَنَّهُمۡ مُّوَاقِعُوۡهَا وَلَمۡ يَجِدُوۡا عَنۡهَا مَصۡرِفًا ﴿۵۳﴾ ع وَلَقَدۡ صَرَّفۡنَا

ڪندا ته منجهس ڪِرڻ وارا آهن ۽ ان کان ڀڄڻ (۽ بچڻ) جي ڪا واٽ نه لهندا ﴿۵۳﴾ ۽ بيشڪ اسان هن قرآن ۾ ماڻهن

فِىۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ لِلنَّاسِ مِنۡ كُلِّ مَثَلٍ ؕ وَكَانَ الۡاِنۡسَانُ

جي لاءِ هر قسم جا مثال بيان ڪيا آهن (جيئن اهي انهن مان نصيحت حاصل ڪن) ۽ انسان هر شيءِ ۾ حد کان گهڻو

اَكۡثَرَ شَىۡءٍ جَدَلًا ﴿۵۴﴾ وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنۡ يُّؤۡمِنُوۡۤا اِذۡ جَآءَهُمُ

جهيڙاڪ آهي ﴿۵۴﴾ ۽ ماڻهن (يعني مڪي وارن) کي هدايت (يعني حضرت محمد ﷺ ۽ قرآن جي) اچڻ کان پوءِ ايمان

الۡهُدٰى وَيَسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّهُمۡ اِلَّاۤ اَنۡ تَاۡتِيَهُمۡ سُنَّةُ الۡاَوَّلِيۡنَ

آڻڻ ۽ پنهنجي ربّ کان بخشش گهرڻ کان رڳو هيءَ ڳالهه روڪي ٿي ته ساڳين اڳين (قومن) جي طريقي (مطابق

اَوۡ يَاۡتِيَهُمُ الۡعَذَابُ قُبُلًا ﴿۵۵﴾ وَمَا نُرۡسِلُ الۡمُرۡسَلِيۡنَ اِلَّا

معاملو) ٿئي يا پنهنجين اکين سان (قتل ۽ قيد ٿيڻ جو) عذاب ڏسن ﴿۵۵﴾ ۽ اسان پيغمبرن کي رڳو خوشخبري ڏيندڙ ۽

مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۚ وَيُجَادِلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالْبَاطِلِ

ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليون ٿا ۽ جيڪي ڪافر ٿيا، سي باطل سان جهڳڙو ڪن ٿا ته جيئن ان سان حقّ (يعني قرآن) کي

لِيُدْحِضُوْا بِهِ الْحَقَّ وَاتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ وَمَآ اُنْذِرُوْا هُزُوًا ﴿۵۶﴾

مِٽائين ۽ انهن منهنجين آيتن ۽ (جهنم جي عذاب) کي، جنهن کان کين ڊيڄاريو وڃي ٿو، ٺٺوليون ڪري ورتو آهي ﴿۵۶﴾

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ فَاَعْرَضَ عَنْهَا وَنَسِيَ

۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جنهن کي سندس ربّ جي آيتن سان نصيحت ڪئي وڃي، پوءِ انهن کان منهن موڙي ۽

مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ ۭ اِنَّا جَعَلْنَا عَلٰي قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ

(قيامت لاءِ) سندس هٿن جيڪي ڪجھ اڳتي موڪليو آهي، ان کي وساري ڇڏي. بيشڪ اسان قرآن کي سمجهڻ کان سندن

وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ۭ وَاِنْ تَدْعُهُمْ اِلَى الْهُدٰى فَلَنْ يَّهْتَدُوْٓا

دلين تي پردا ۽ سندن (پليت) ڪنن ۾ ڳوراڻ وڌي آهي ۽ جيڪڏهن کين هدايت لاءِ سڏيندين ته هرگز هدايت نه وٺندا (چاڪاڻ

اِذًا اَبَدًا ﴿۵۷﴾ وَرَبُّكَ الْغَفُوْرُ ذُو الرَّحْمَةِ ۭ لَوْ يُؤَاخِذُهُمْ بِمَا

ته خدا جي ڪبريائيءَ جي دربار مان تڙيل آهن.) ﴿۵۷﴾ ۽ تنهنجو ربّ بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي. جيڪڏهن سندن ڪرتوتن

كَسَبُوْا لَعَجَّلَ لَهُمُ الْعَذَابَ ۭ بَلْ لَّهُمْ مَّوْعِدٌ لَّنْ يَّجِدُوْا

جي ڪري کين پڪڙي ها ته ضرور مٿن جلد عذاب آڻي ها، بلڪ سندن لاءِ وعدي (يعني قيامت ۽ حساب) جو ڏينهن مقرر

مِنْ دُوْنِهٖ مَوْىِٕلًا ﴿۵۸﴾ وَتِلْكَ الْقُرٰٓى اَهْلَكْنٰهُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا وَ

آهي، پوءِ الله کان سواءِ ڪا پناهه جي جاءِ نه لهندا ﴿۵۸﴾ ۽ اسان انهن (ظالم) شهرن کي سندن ظلم سبب هلاڪ ڪيو ۽ سندن

جَعَلْنَا لِمَهْلِكِهِمْ مَّوْعِدًا ﴿۵۹﴾ ع وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِفَتٰىهُ لَآ

هلاڪت لاءِ وعدي جو ڏينهن مقرر ڪيوسون ﴿۵۹﴾ ۽ (ياد ڪر) جڏهن موسىٰ پنهنجي جوان (يوشع بن نون) کي چيو ته

اَبۡرَحُ حَتّٰٓى اَبۡلُغَ مَجۡمَعَ الۡبَحۡرَيۡنِ اَوۡ اَمۡضِىَ حُقُبًا ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا

(اسي سالن جو) زمانو لڳاتار هلندو رهندس، تانجو (روم ۽ فارس جي) ٻن دريائن جي گڏ ٿيڻ واري جاءِ تي پهچان ﴿٥٩﴾

بَلَغَا مَجۡمَعَ بَيۡنِهِمَا نَسِيَا حُوۡتَهُمَا فَاتَّخَذَ سَبِيۡلَهٗ فِى الۡبَحۡرِ

پوءِ جڏهن ٻئي ٻن دريائن جي گڏ ٿيڻ واري هنڌ تي پهتا تہ (يوشع عليه السلام کان، موسىٰ عليه السلام کي) مڇيءَ (جو قصو ٻڌائڻ)

سَرَبًا ﴿٦١﴾ فَلَمَّا جَاوَزَا قَالَ لِفَتٰٮهُ اٰتِنَا غَدَآءَنَا لَقَدۡ لَقِيۡنَا

وسري ويو (۽ مقصد مڇيءَ جي غائب ٿيڻ جي هنڌ جو ڄاڻڻ هو.) پوءِ مڇي درياءَ ۾ سرنگ وانگر رستو ٺاهي هلي وئي ﴿٦١﴾ جڏهن ٻئي
(مڇيءَ جي غائب ٿيڻ واري هنڌ تان) اڳتي وڌيا تہ (موسىٰ عليه السلام) پنهنجي جوان کي چيو تہ اسان کي نيرن آڻي ڏي، بيشڪ اسان کي

مِنۡ سَفَرِنَا هٰذَا نَصَبًا ﴿٦٢﴾ قَالَ اَرَءَيۡتَ اِذۡ اَوَيۡنَاۤ اِلَى الصَّخۡرَةِ

(مڇيءَ جي وڃڻ کان پوءِ) پنهنجي هن سفر جي ڪري تڪ ٿيو آهي ﴿٦٢﴾ (يوشع عليه السلام) چيو تہ ڇا ڏٺئي! جڏهن ٽڪريءَ

فَاِنِّىۡ نَسِيۡتُ الۡحُوۡتَ وَمَاۤ اَنۡسٰنِيۡهُ اِلَّا الشَّيۡطٰنُ اَنۡ اَذۡكُرَهٗ ۚ

وٽ ترسياسون تہ بيشڪ مون کان مڇي وسري وئي ۽ شيطان ئي مون کان اها ڳالهہ وساري ڇڏي تہ اهو قصو توسان بيان

وَاتَّخَذَ سَبِيۡلَهٗ فِى الۡبَحۡرِ ۖ عَجَبًا ﴿٦٣﴾ قَالَ ذٰلِكَ مَا كُنَّا نَبۡغِ ۖ

ڪريان ۽ مڇيءَ عجيب طريقي سان سمنڊ ڏانهن پنهنجي واٽ ورتي ﴿٦٣﴾ (موسىٰ عليه السلام) چيو تہ اهو ئي هنڌ آهي، جنهن

فَارۡتَدَّا عَلٰٓى اٰثَارِهِمَا قَصَصًا ﴿٦٤﴾ فَوَجَدَا عَبۡدًا مِّنۡ عِبَادِنَاۤ

کي اسان تلاش ڪريون ٿا. پوءِ ٻئي پنهنجا پيرَ کڻي پوئتي موٽيا ﴿٦٤﴾ پوءِ اسين جي ٻانهن مان هڪ ٻانهي کي لڌائون،

اٰتَيۡنٰهُ رَحۡمَةً مِّنۡ عِنۡدِنَا وَعَلَّمۡنٰهُ مِنۡ لَّدُنَّا عِلۡمًا ﴿٦٥﴾ قَالَ

جنهن کي اسان پنهنجي طرفان رحمت (يا نبوت) ڏني هئي ۽ پنهنجي طرفان کيس علم (غيب) سيکاريو هو ﴿٦٥﴾ کيس

لَهٗ مُوۡسٰى هَلۡ اَتَّبِعُكَ عَلٰٓى اَنۡ تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمۡتَ رُشۡدًا ﴿٦٦﴾

(موسىٰ عليه السلام) چيو تہ ڇا (اجازت ڏئين ٿو) تہ توسان گڏجي هلان، جيئن مون کي ڀلائيءَ جون ڳالهيون سيکارين،

قَالَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِیْعَ مَعِیَ صَبْرًا ﴿٦٧﴾ وَكَیْفَ تَصْبِرُ عَلٰی مَا

جيڪي تو کي سيکاريون ويون آهن ﴿٦٦﴾ (خضر عليه السلام) چيو ته بيشڪ تون مون سان هرگز صبر ڪري نه سگهندين ﴿٦٧﴾ ۽

لَمْ تُحِطْ بِهٖ خُبْرًا ﴿٦٨﴾ قَالَ سَتَجِدُنِیْٓ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ صَابِرًا وَّ

(پيغمبر هئڻ جي باوجود) جنهن ڳالهه جي تو کي خبر ئي نه آهي (۽ جيڪا بظاهر درست به نه هجي) ان تي تون ڪيئن
صبر ڪري سگهندين؟ ﴿٦٨﴾ (موسيٰ عليه السلام) چيو ته جيڪڏهن الله تعاليٰ گهريو ته تون مون کي سگهوئي صبر ڪندڙ لهندين ۽

لَآ اَعْصِیْ لَكَ اَمْرًا ﴿٦٩﴾ قَالَ فَاِنِ اتَّبَعْتَنِیْ فَلَا تَسْـَٔلْنِیْ عَنْ

آءٌ ڪنهن به ڪم ۾ تنهنجي نافرماني نه ڪندس ﴿٦٩﴾ (خضر عليه السلام) چيو ته جيڪڏهن مون سان گڏ هلين ته پوءِ ڪنهن شيءِ

شَیْءٍ حَتّٰٓی اُحْدِثَ لَكَ مِنْهُ ذِكْرًا ﴿٧٠﴾ ع فَانْطَلَقَا وقفة حَتّٰٓی اِذَا ع ٩ ١١ ٢١

بابت مون کان پڇا نه ڪر تانجو تو کي اها پاڻ ٻڌايان (۽ ان جي وضاحت ڪريان.) ﴿٧٠﴾ پوءِ ٻئي (اتان) هليا، تانجو جڏهن

رَكِبَا فِی السَّفِیْنَةِ خَرَقَهَا ؕ قَالَ اَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ اَهْلَهَا ۚ

ٻيڙيءَ ۾ چڙهيا ته (خضر عليه السلام) ان ۾ سوراخ ڪيو (موسيٰ عليه السلام) چيو ته ڇا ٻيڙيءَ وارن کي ٻوڙڻ لاءِ ان ۾ سوراخ ڪيو

لَقَدْ جِئْتَ شَیْـًٔا اِمْرًا ﴿٧١﴾ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِیْعَ مَعِیَ

اٿئي؟ بيشڪ تو ته هڪ ڏاڍو اڻ وڻندڙ ڪم ڪيو ﴿٧١﴾ (خضر) چيو ته ڇا مون نه چيو هو ته بيشڪ تون مون سان صبر نه ڪري

صَبْرًا ﴿٧٢﴾ قَالَ لَا تُؤَاخِذْنِیْ بِمَا نَسِیْتُ وَلَا تُرْهِقْنِیْ مِنْ

سگهندين ﴿٧٢﴾ (موسيٰ) چيو ته جيڪا ڳالهه مون کان وسري وئي، تنهن تي منهنجي پڪڙ نه ڪر ۽ منهنجي ڪم ۾ مون

اَمْرِیْ عُسْرًا ﴿٧٣﴾ فَانْطَلَقَا وقفة حَتّٰٓی اِذَا لَقِیَا غُلٰمًا فَقَتَلَهٗ ۙ قَالَ

تي سختي نه ڪر ﴿٧٣﴾ پوءِ ٻئي هليا، تانجو جڏهن (ٻارن سان راند ڪيڏندڙ) هڪ ڇوڪر وٽ پهتا ته (خضر) ڪيس قتل

اَقَتَلْتَ نَفْسًا زَكِیَّةًۢ بِغَیْرِ نَفْسٍ ؕ لَقَدْ جِئْتَ شَیْـًٔا نُّكْرًا ﴿٧٤﴾

ڪري ڇڏيو (موسيٰ عليه السلام) چيو ته ڇا تو هڪ معصوم جان کي بغير بدلي جي قتل ڪيو؟ بيشڪ تو ته ڏاڍو غلط ڪم ڪيو ﴿٧٤﴾

قَالَ اَلَمۡ اَقُلۡ لَّكَ اِنَّكَ لَنۡ تَسۡتَطِيۡعَ مَعِىَ صَبۡرًا ﴿٧٥﴾

(خضر عليه السلام) چيو ته چا مون تو کي نه چيو هو ته دراصل تون مون سان صبر ڪري ئي نه سگهندين ؟ ﴿٧٥﴾

قَالَ اِنۡ سَاَلۡتُكَ عَنۡ شَىۡءٍۢ بَعۡدَهَا فَلَا تُصٰحِبۡنِىۡ‌ۚ قَدۡ

(موسيٰ عليه السلام) چيو ته جيڪڏهن تو کان هن کان پوءِ (اعتراض ڪندي) ڪنهن شيءِ جي باري ۾ پڇان ته پوءِ مون کي ساڻ

بَلَغۡتَ مِنۡ لَّدُنِّىۡ عُذۡرًا ﴿٧٦﴾ فَانۡطَلَقَا وقفة حَتّٰٓى اِذَآ اَتَيَاۤ اَهۡلَ

وٺي نه هل، بيشڪ منهنجي پاران تو کي عذر پهچي چڪو (جو تو چيو هو ته آءُ صبر ڪري نه سگهندس.) ﴿٧٦﴾ پوءِ ٻئي هليا، تانجو جڏهن
هڪ ڳوٺ (انطاڪيه) جي رهاڪن وٽ آيا ته اتان جي رهندڙن کان کاڌو گهريائون، جن سندن ميزبانيءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

قَرۡيَةِ ۨاسۡتَطۡعَمَاۤ اَهۡلَهَا فَاَبَوۡا اَنۡ يُّضَيِّفُوۡهُمَا فَوَجَدَا فِيۡهَا

پوءِ اتي (هڪ سوهڻ ڏِڱهي) هڪ ڀت لڌائون، جيڪا (ٻوڏ سبب) ڪِرڻ جي ويجهي هئي. پوءِ (خضر عليه السلام) اها ڀت سڌي

جِدَارًا يُّرِيۡدُ اَنۡ يَّنۡقَضَّ فَاَقَامَهٗ‌ ؕ قَالَ لَوۡ شِئۡتَ لَتَّخَذۡتَ

ڪري بيهاري. (موسيٰ عليه السلام) چيو ته جيڪڏهن گهرين ها ته يقينًا ان (ڀت بيهارڻ) تي (انهن کان) مزدوري وٺين ها

عَلَيۡهِ اَجۡرًا ﴿٧٧﴾ قَالَ هٰذَا فِرَاقُ بَيۡنِىۡ وَبَيۡنِكَ‌ ۚ سَاُنَبِّئُكَ

(جنهن سان کاڌو کائون ها.) ﴿٧٧﴾ (خضر عليه السلام چيو ته) منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ هي جدائيءَ جو وقت آهي. سگهوئي

بِتَاۡوِيۡلِ مَا لَمۡ تَسۡتَطِعْ عَّلَيۡهِ صَبۡرًا ﴿٧٨﴾ اَمَّا السَّفِيۡنَةُ فَكَانَتۡ

تو کي انهن ڳالهين جي حقيقت جي ڄاڻ ڏيندس، جن تي صبر ڪري نه سگهين ﴿٧٨﴾ رهي ٻيڙي (جنهن ۾ مون سوراخ

لِمَسٰكِيۡنَ يَعۡمَلُوۡنَ فِى الۡبَحۡرِ فَاَرَدْتُّ اَنۡ اَعِيۡبَهَا وَكَانَ وَرَآءَهُمۡ

ڪيو)، اها (ڏهن) مسڪينن جي هئي (جن مان پنج ڇڏا) سمنڊ ۾ محنت مزدوري ڪندا هئا (۽ پنج جهور پوڙها هئا.) پوءِ

مَّلِكٌ يَّاۡخُذُ كُلَّ سَفِيۡنَةٍ غَصۡبًا ﴿٧٩﴾ وَاَمَّا الۡغُلٰمُ فَكَانَ اَبَوٰهُ

مون ان کي عيبدار ڪيو ۽ سندن پويان هڪ ظالم بادشاهه هو، جو هر ٻيڙيءَ کي ظلم سان کسيندو هو ﴿٧٩﴾ ۽ رهيو ڇوڪر

مُؤْمِنَيْنِ فَخَشِيْنَآ اَنْ يُّرْهِقَهُمَا طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ۚ﴿۸۰﴾ فَاَرَدْنَآ اَنْ

(جنهن کي مون ماريو)، تہ ان جا ماءُ پيءُ مؤمن هئا (۽ ٻار پاڻ کافر هو.) پوءِ اسان کي ڊپ ورتو تہ (متان) انهن ٻنهي کي (سندن
محبت سبب) ٻي راهي ۽ ڪافريءَ ۾ وجهي ڇڏي ﴿۸۰﴾ پوءِ اسان گهريو تہ سندن ربّ تعاليٰ ان جي بدلي ۾ انهن کي ان کان

يُّبْدِلَهُمَا رَبُّهُمَا خَيْرًا مِّنْهُ زَكٰوةً وَّاَقْرَبَ رُحْمًا ﴿۸۱﴾ وَاَمَّا

وڌيڪ پاڪباز ۽ (ماءُ پيءُ جو) وڌيڪ فرمانبردار پٽ عطا فرمائي ﴿۸۱﴾ رهيو ڀت (جو معاملو، جيڪا مون ناهي) تہ اها

الْجِدَارُ فَكَانَ لِغُلٰمَيْنِ يَتِيْمَيْنِ فِى الْمَدِيْنَةِ وَكَانَ تَحْتَهٗ

شهر جي ٻن يتيم ٻارڙن جي هئي ۽ ان جي هيٺان سندن خزانو هو ۽ سندن پيءُ صالح مرد هو. پوءِ

كَنْزٌ لَّهُمَا وَكَانَ اَبُوْهُمَا صَالِحًا ۚ فَاَرَادَ رَبُّكَ اَنْ يَّبْلُغَآ اَشُدَّهُمَا

تنهنجي ربّ تعاليٰ گهريو تہ اهي ٻئي پنهنجي پوري قوت (يعني جوانيءَ) کي پهچن ۽ پنهنجو

وَيَسْتَخْرِجَا كَنْزَهُمَا ۖ رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ۚ وَمَا فَعَلْتُهٗ عَنْ اَمْرِىْ ؕ

خزانو ڪڍن. اها تنهنجي ربّ تعاليٰ جي رحمت آهي ۽ مون اهو ڪم پنهنجي مرضيءَ سان نہ ڪيو. اِها آهي

ذٰلِكَ تَاْوِيْلُ مَا لَمْ تَسْطِعْ عَّلَيْهِ صَبْرًا ؕ﴿۸۲﴾ وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنْ ذِى ع ۱۰ / ۱۲

اُها حقيقت جنهن تي صبر ڪري نہ سگهين ﴿۸۲﴾ ۽ (حاسد يهودي) تو کان ذوالقرنين جي باري ۾ پڇن ٿا. (اي محمّد ﷺ!)

الْقَرْنَيْنِ ؕ قُلْ سَاَتْلُوْا عَلَيْكُمْ مِّنْهُ ذِكْرًا ؕ﴿۸۳﴾ اِنَّا مَكَّنَّا لَهٗ فِى

فرماءِ تہ اجهو تو توهان کي سندس (نصيحت جوڳو ڪجھ حال) پڙهي ٻڌايان ﴿۸۳﴾ بيشڪ اسان کيس زمين ۾ طاقت

الْاَرْضِ وَاٰتَيْنٰهُ مِنْ كُلِّ شَىْءٍ سَبَبًا ۙ﴿۸۴﴾ فَاَتْبَعَ سَبَبًا ﴿۸۵﴾

بخشي ۽ (اوڀر کان اولھ تائين سير ڪرڻ لاءِ) کيس هر قسم جا اسباب ڏنا سون ﴿۸۴﴾ پوءِ اسباب ساڻ ڪري (سفر تي) نڪتو ﴿۸۵﴾

حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ مَغْرِبَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَغْرُبُ فِىْ عَيْنٍ حَمِئَةٍ

تانجو جڏهن سج لهڻ جي جاءِ تي پهتو تہ ان کي ڪاري مٽي ملي پاڻيءَ جي هڪ چشمي ۾ لهندي ڏٺائين ۽ ان

وَّوَجَدَ عِنۡدَهَا قَوۡمًا ؕ قُلۡنَا يٰذَا الۡقَرۡنَيۡنِ اِمَّاۤ اَنۡ تُعَذِّبَ وَاِمَّاۤ

چشمي وٽ هڪڙي قوم کي لڌائين. چيوسون ته اي ذوالقرنين! يا ته (کين اسلام کان انڪار ڪرڻ جي حالت ۾ قتل

اَنۡ تَتَّخِذَ فِيۡهِمۡ حُسۡنًا ﴿۸۶﴾ قَالَ اَمَّا مَنۡ ظَلَمَ فَسَوۡفَ نُعَذِّبُهٗ

جي) سزا ڏي يا وري انهن سان سهڻو سلوڪ ڪر ﴿۸۶﴾ (ذوالقرنين) چيو ته رهيو اهو شخص جنهن ظلم ڪيو،

ثُمَّ يُرَدُّ اِلٰى رَبِّهٖ فَيُعَذِّبُهٗ عَذَابًا نُّكۡرًا ﴿۸۷﴾ وَاَمَّا مَنۡ اٰمَنَ وَ

(يعني شرڪ ڪان نه مُڙيو ۽ ان تي اڙيو رهيو)، ته سگهوئي ڪيس (قتل جي) سزا ڏينداسون. پوءِ ان کي پنهنجي ربّ ڏانهن
موٽايو ويندو، پوءِ اهوڪيس عذاب ڏيندو، عذاب سخت ﴿۸۷﴾ ۽ رهيو اهو شخص، جنهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائين

عَمِلَ صَالِحًا فَلَهٗ جَزَآءَ ۨالۡحُسۡنٰى ۚ وَسَنَقُوۡلُ لَهٗ مِنۡ اَمۡرِنَا

ته سندس لاءِ (آخرت ۾ الله تعاليٰ وٽ) سهڻو بدلو (يعني جنت) آهي ۽ پنهنجي معاملي ۾ ڪيس آسان ڳالهه

يُسۡرًا ﴿۸۸﴾ ؕ ثُمَّ اَتۡبَعَ سَبَبًا ﴿۸۹﴾ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ مَطۡلِعَ الشَّمۡسِ وَجَدَهَا

چونداسون﴿۸۸﴾ پوءِ سامان ساڻ ڪري نڪتو ﴿۸۹﴾ تانجو جڏهن سج اڀرڻ جي جاءِ تي پهتو ته ان کي هڪ قوم جي

تَطۡلُعُ عَلٰى قَوۡمٍ لَّمۡ نَجۡعَلۡ لَّهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهَا سِتۡرًا ﴿۹۰﴾ ۙ كَذٰلِكَ ؕ وَقَدۡ

مٿان اڀرندي ڏٺائين، جن لاءِ اسان سج کان (بچاءَ جو انتظام ۽) پردو نه ڪيو هو (چاڪاڻ ته ڪافر هئا) ﴿۹۰﴾

اَحَطۡنَا بِمَا لَدَيۡهِ خُبۡرًا ﴿۹۱﴾ ثُمَّ اَتۡبَعَ سَبَبًا ﴿۹۲﴾ حَتّٰۤى اِذَا بَلَغَ بَيۡنَ

اهڙي طرح آهي ۽ وٽس جيڪا به (مادي، عسڪري ۽ مالي) طاقت ۽ مهارت هئي، تنهن جي اسان کي خبر آهي (جو اها
سموري اسان جي ئي ڏات هئي.)﴿۹۱﴾ پوءِ سامان ساڻ ڪري (سفر تي) نڪتو ﴿۹۲﴾ جڏهن ٻن جبلن جي وچ ۾ پهتو ته (بيان ڪيل)

السَّدَّيۡنِ وَجَدَ مِنۡ دُوۡنِهِمَا قَوۡمًا ۙ لَّا يَكَادُوۡنَ يَفۡقَهُوۡنَ قَوۡلًا ﴿۹۳﴾

ٻنهي (قومن) کان سواءِ (ٻنهي جبلن جي ٻاهران) هڪ قوم کي لڌائين، جيڪي ڪا به ڳالهه سمجهي نه رهيا هئا ﴿۹۳﴾

قَالُوۡا يٰذَا الۡقَرۡنَيۡنِ اِنَّ يَاۡجُوۡجَ وَمَاۡجُوۡجَ مُفۡسِدُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ فَهَلۡ

انهن چيو ته اي ذوالقرنين! بيشڪ ياجوج ۽ ماجوج زمين ۾ فتنو فساد ڪندڙ آهن، پوءِ ڇا تو کي اسان ڏن

نَجْعَلُ لَكَ خَرْجًا عَلٰٓى اَنْ تَجْعَلَ بَيْنَنَا وَبَيْنَهُمْ سَدًّا ﴿٩٤﴾ قَالَ مَا

(مقرر ڪري) ڏيون ته جيئن تون اسان جي ۽ سندن وچ ۾ هڪ سدّ (يعني روڪ) قائم ڪرين ؟ ﴿٩٤﴾ (ذوالقرنين) چيو ته

مَكَّنِّيْ فِيْهِ رَبِّيْ خَيْرٌ فَاَعِيْنُوْنِيْ بِقُوَّةٍ اَجْعَلْ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ

مون کي منهنجي ربّ جيڪا طاقت ڏني آهي، (توهان جي ڏن کان) وڌيڪ چڱي آهي، پوءِ (افرادي) قوّت (يعني ڪم ڪار جي سلسلي
۾) منهنجي مدد ڪريو ته توهان جي ۽ سندن وچ ۾ هڪ (حفاظتي) روڪ قائم ڪريان ﴿٩٥﴾ مون کي لوهه جا ٽڪرَ آڻي ڏيو، تانجو

رَدْمًا ﴿٩٥﴾ اٰتُوْنِيْ زُبَرَ الْحَدِيْدِ ؕ حَتّٰٓى اِذَا سَاوٰى بَيْنَ الصَّدَفَيْنِ

جڏهن ٻنهي جبلن جي وچ ۾ ڀرائي ڪرائي، انهيءَ کي برابر ڪيائين، چيائين ته (هاڻي انهيءَ ۾ باهه)

قَالَ انْفُخُوْا ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَعَلَهٗ نَارًا ۙ قَالَ اٰتُوْنِيْٓ اُفْرِغْ عَلَيْهِ

مچايو. تانجو جڏهن ان کي ٻاري باهه ڪيائين، چيائين ته مون کي پگهريل ٽامون آڻي ڏيو ته ان جي مٿان

قِطْرًا ﴿٩٦﴾ فَمَا اسْطَاعُوْٓا اَنْ يَّظْهَرُوْهُ وَمَا اسْتَطَاعُوْا لَهٗ نَقْبًا ﴿٩٧﴾ قَالَ

پلٽيان ﴿٩٦﴾ پوءِ (ياجوج ماجوج) ان تي چڙهي نه سگهيا ۽ نه ئي منجهس سوراخ ڪري سگهيا ﴿٩٧﴾ (ذوالقرنين) چيو ته

هٰذَا رَحْمَةٌ مِّنْ رَّبِّيْ ۚ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ رَبِّيْ جَعَلَهٗ دَكَّآءَ ۚ

هيءَ (سدّ) منهنجي ربّ جي رحمت آهي، پوءِ جڏهن منهنجي ربّ جي وعدي (يعني عيسيٰ عليه السلام جي زماني ۾

وَكَانَ وَعْدُ رَبِّيْ حَقًّا ﴿٩٨﴾ وَتَرَكْنَا بَعْضَهُمْ يَوْمَئِذٍ يَّمُوْجُ فِيْ

سندن نڪرڻ) جو وقت ايندو ته ان کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندو ۽ منهنجي ربّ جو وعدو سچو آهي ﴿٩٨﴾ ۽ ان ڏينهن اسان انهن (ياجوج
ماجوج) کي ڇڏي ڏينداسون. پوءِ (روءِ زمين ۾ پکڙجي)هڪ ٻئي ۾ (پاڻيءَ جي موجن وانگر) ڪاهي پوندا ۽ صور ڦوڪيو

بَعْضٍ وَّنُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَجَمَعْنٰهُمْ جَمْعًا ﴿٩٩﴾ وَّعَرَضْنَا جَهَنَّمَ

ويندو ، پوءِ سڀني کي (محشر جي ميدان ۾) گڏ ڪنداسون، جيئن گڏ ڪرڻ جڳائي ﴿٩٩﴾ ۽ ان ڏينهن جهنم کي ڪافرن

يَوْمَئِذٍ لِّلْكٰفِرِيْنَ عَرْضَا ﴿١٠٠﴾ الَّذِيْنَ كَانَتْ اَعْيُنُهُمْ فِيْ غِطَآءٍ عَنْ

لاءِ سامهون آڻينداسون، چڱيءَ طرح سامهون آڻڻ ﴿١٠٠﴾ جن جون اکيون منهنجي ياد (۽ توحيد ۽ اطاعت جي آيتن) کان

ذِكْرِيْ وَكَانُوْا لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ سَمْعًا ﴿١٠١﴾ اَفَحَسِبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا ع ١١

پردي ۾ آهن ۽ (دشمنيءَ سبب الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي) ڳالهہ نٿا ٻڌن ﴿١٠١﴾ ڇا ڪافرن ڀانيو آهي تہ مون کان سواءِ

اَنْ يَّتَّخِذُوْا عِبَادِيْ مِنْ دُوْنِيْٓ اَوْلِيَآءَ ؕ اِنَّآ اَعْتَدْنَا جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ

منهنجن ٻانهن کي معبود ۽ دوست بڻائيندا، بيشڪ اسان جهنم کي ڪافرن (۽ ظالمن) جي مهمانيءَ لاءِ تيار ڪيو

نُزُلًا ﴿١٠٢﴾ قُلْ هَلْ نُنَبِّئُكُمْ بِالْاَخْسَرِيْنَ اَعْمَالًا ؕ ﴿١٠٣﴾

آهي ﴿١٠٢﴾ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ تہ (اي غافلو!) ڇا توهان کي عمل ۾ سڀ کان وڌيڪ نقصان وارن جي باري ۾ خبر ڏيون؟ ﴿١٠٣﴾

اَلَّذِيْنَ ضَلَّ سَعْيُهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَهُمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ

سي اُهي ماڻهو آهن، جن پنهنجين ڪوششن کي دنياوي زندگيءَ ۾ ضايع ڪري ڇڏيو ۽ اهي ڀائين ٿا تہ اهي ڪو سهڻو ڪارنامو

يُحْسِنُوْنَ صُنْعًا ﴿١٠٤﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَلِقَآئِهٖ

سرانجام ڏئي رهيا آهن ﴿١٠٤﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن پنهنجي ربّ جي (توحيد جي باري ۾ قرآن جي) آيتن ۽ سندس ملاقات (۽

فَحَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَلَا نُقِيْمُ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَزْنًا ﴿١٠٥﴾ ذٰلِكَ

قيامت) جو انڪار ڪيو، پوءِ سندن عمل ڇٽي ويا. پوءِ قيامت جي ڏينهن انهن کي ڪو وزن (۽ قدر ۽ قيمت) نہ ڏينداسون ﴿١٠٥﴾ اهو

جَزَآؤُهُمْ جَهَنَّمُ بِمَا كَفَرُوْا وَاتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ وَرُسُلِيْ هُزُوًا ﴿١٠٦﴾

جهنم سندن بدلو آهي، هن ڪري جو ڪفر ڪيائون ۽ منهنجين آيتن ۽ منهنجن رسولن کي ٺٺوليون ڪري ورتائون ﴿١٠٦﴾

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَانَتْ لَهُمْ جَنّٰتُ الْفِرْدَوْسِ

بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، تن جي مهمانيءَ جي جاءِ (بهترين ۽ بلند درجن وارا) فردوس جا

نُزُلًا ۙ ﴿١٠٧﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا لَا يَبْغُوْنَ عَنْهَا حِوَلًا ﴿١٠٨﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ

باغ آهن ﴿١٠٧﴾ منجهن سدائين رهڻ وارا آهن، جتان ٻئي هنڌ وڃڻ ئي نہ گهرندا ﴿١٠٨﴾ (اي مازاغ البصر جا شهنشاه!) فرماءِ تہ

الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ

جيڪڏهن منهنجي ربّ جي (دانائين، ڪاريگرين ۽ عجيب) ڳالهين کي لکڻ لاءِ سمنڊ مس ٿي پوي ته به منهنجي ربّ جون

رَبِّيْ وَلَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا ﴿١٠٩﴾ قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى

ڳالهيون ختم ٿيڻ کان اڳ سمنڊ کٽي پوندو ۽ جيتوڻيڪ ان جهڙا وڌيڪ (ٻيا سمنڊ) آڻيون ﴿١٠٩﴾ ("او ادني" جي راز جا رازدار، محمد ﷺ!)
فرماءِ ته دراصل آءٌ (بشريت ۽ هيٺائيءَ ۾) توهان وانگر انسان آهيان. مون ڏانهن وحي موڪليو ويو آهي ته دراصل توهان جو معبود

اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ

رڳو هڪ الله آهي، پوءِ جيڪو پنهنجي ربّ جي ملاقات جي اميد رکي ٿو، تنهن کي گهرجي ته چڱا ڪم ڪري ۽ پنهنجي

عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖٓ اَحَدًا ﴿١١٠﴾ ع

ربّ جي عبادت ۾ ڪنهن هڪ کي به شريڪ نه ڪري (۽ عملن کي رياءَ ۽ ڏيکاءَ کان بچائي، يا الله! اسان کي توفيق ڏي.) ﴿١١٠﴾

اٰيَاتُهَا ٩٨ (١٩) سُوْرَةُ مَرْيَمَ مَكِّيَّةٌ (٤٤) رُكُوْعَاتُهَا ٦

سورة مريم مڪي آهي ۽ هن ۾ اٺانوي آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

هر مصيبت کان نجات طلب ڪريان ٿو. عظيم خدا جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جو حياتي ڏيندڙ، روزي ڏيندڙ ۽ بخشيندڙ آهي.

كٓهٰيٰعٓصٓ ﴿١﴾ ذِكْرُ رَحْمَتِ رَبِّكَ عَبْدَهٗ زَكَرِيَّا ﴿٢﴾ اِذْ نَادٰى

كٓهٰيٰعٓصٓ ﴿١﴾ (هيءُ) تنهنجي ربّ جي پنهنجي ٻانهي زڪريا تي ڪيل رحمت جو بيان آهي ﴿٢﴾ (بيان ڪر سندس دعا

رَبَّهٗ نِدَآءً خَفِيًّا ﴿٣﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ وَهَنَ الْعَظْمُ مِنِّيْ

جي قبوليت جو.) جڏهن انهيءَ پنهنجي ربّ کي آهستي (دل ۾) ٻاڏايو ﴿٣﴾ چيائين ته ربّ منهنجا! بيشڪ منهنجي (بدن
جا) هڏا هيٺا ٿي چڪا آهن ۽ (منهنجي ڪراڙپ جا آثار يعني) مٿي جا وار اڇا ٿي چڪا آهن ۽ ربّ منهنجا! تو کي

وَاشْتَعَلَ الرَّاْسُ شَيْبًا وَّلَمْ اَكُنْۢ بِدُعَآئِكَ رَبِّ شَقِيًّا ﴿٤﴾

پڪاري آءٌ (دعا جي قبول ٿيڻ کان) نااميد ٿيڻ وارو نه آهيان (بلڪ منهنجي دعا قبول ٿيندي رهندي آهي.) ﴿٤﴾

وَاِنِّيْ خِفْتُ الْمَوَالِيَ مِنْ وَّرَآءِيْ وَكَانَتِ امْرَاَتِيْ عَاقِرًا فَهَبْ

۽ بيشڪ آءٌ پنهنجي پويان پنهنجن عزيزن (۽ سوٽن) کان ڊڄان ٿو (ته متان مون کان پوءِ منهنجي چڱي جانشيني ۽

لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ۝٥ يَّرِثُنِيْ وَيَرِثُ مِنْ اٰلِ يَعْقُوْبَ ۖ وَاجْعَلْهُ

دينداريءَ کي قائم نه رکي سگهن) ۽ منهنجي گهر واري سَنڍ آهي، پوءِ مون کي پنهنجي (فضل، رحمت ۽ قدرت سان) صالح
پٽ عطا ڪر ⑤ جيڪو منهنجي (نبوّت جي علم) ۽ يعقوب (عليه السلام) جي اولاد جي ميراث جو وارث ٿئي ۽ ربّ منهنجا! ڪيس

رَبِّ رَضِيًّا ۝٦ يٰزَكَرِيَّآ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمِ ۨ اسْمُهٗ يَحْيٰى ۙ لَمْ نَجْعَلْ

(پنهنجي حضور ۾) پيارو ۽ پسنديده ڪر ⑥ (سندس دعا قبول ٿي ۽ الله تعاليٰ فرمايو ته) اي زڪريا! بيشڪ اسان توکي يحيٰ نالي

لَّهٗ مِنْ قَبْلُ سَمِيًّا ۝٧ قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّكَانَتِ امْرَاَتِيْ

هڪ پٽ جي خوشخبري ڏيون ٿا. (هن کان) اڳ اسان (ڪنهن جو) ڪڏهن اهو نالو نه رکيو آهي ⑦ (زڪريا عليه السلام) چيو ته ربّ منهنجا!

عَاقِرًا وَّقَدْ بَلَغْتُ مِنَ الْكِبَرِ عِتِيًّا ۝٨ قَالَ كَذٰلِكَ ۚ قَالَ رَبُّكَ

مون کي پٽ ڪٿان ٿيندو، حالانڪ منهنجي زال سنڍ آهي ۽ آءٌ جهور پوڙهو ٿي چڪو آهيان ⑧ (جبريل

هُوَ عَلَيَّ هَيِّنٌ وَّقَدْ خَلَقْتُكَ مِنْ قَبْلُ وَلَمْ تَكُ شَيْـًٔا ۝٩ قَالَ رَبِّ

عليه السلام) فرمايو ته (حڪم) ائين ٿي آهي، (جيئن فرمايو ويو آهي.) تنهنجو ربّ فرمائي ٿو ته اهو ڪم مون لاءِ آسان آهي ۽ بيشڪ آءٌ
(يحيٰ کان) اڳ ۾ توکي پيدا ڪري چڪو آهيان، جڏهن ته تون ڪا به شيءِ نه هئين ⑨ (زڪريا عليه السلام) چيو ته ربّ منهنجا! منهنجي

اجْعَلْ لِّيْٓ اٰيَةً ۭ قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَ لَيَالٍ

(زال جي ڳورهاري ٿيڻ) لاءِ ڪا نشاني مقرر فرماءِ. (الله تعاليٰ) فرمايو ته تنهنجي نشاني هيءَ آهي ته (تندرست هئڻ

سَوِيًّا ۝١٠ فَخَرَجَ عَلٰى قَوْمِهٖ مِنَ الْمِحْرَابِ فَاَوْحٰٓى اِلَيْهِمْ اَنْ سَبِّحُوْا

۽ صحيح سالم عضوا رکڻ جي باوجود) برابر (ٽي ڏينهن ۽) ٽي راتيون ماڻهن سان ڳالهائي نه سگهندين ⑩ پوءِ (معمول مطابق نماز
جي جاءِ) محراب (يعني حجري) مان پنهنجي قوم ڏانهن نڪتو ۽ انهن ڏانهن اشارو ڪيائين ته صبح ۽ شام (نماز پڙهو ۽ الله جي)

بُكْرَةً وَّعَشِيًّا ۝١١ يٰيَحْيٰى خُذِ الْكِتٰبَ بِقُوَّةٍ ۭ وَاٰتَيْنٰهُ الْحُكْمَ

تسبيح بيان ڪريو ⑪ اي يحيٰ! مضبوطيءَ سان ڪتاب (يعني توريت) کي وٺ ۽ ڪيس ننڍپڻ ۾ (پيغمبري ۽)

صَبِيًّا ﴿١٢﴾ وَّحَنَانًا مِّنْ لَّدُنَّا وَزَكٰوةً ؕ وَكَانَ تَقِيًّا ﴿١٣﴾ وَّبَرًّا

دانائي ڏني سون ﴿١٢﴾ ۽ پنهنجي طرفان (کيس) رحمدل، پاڪباز ۽ پرهيزگار (پڻ ڏنوسون.) ﴿١٣﴾ ۽ پنهنجي ماءُ

بِوَالِدَيْهِ وَلَمْ يَكُنْ جَبَّارًا عَصِيًّا ﴿١٤﴾ وَسَلٰمٌ عَلَيْهِ يَوْمَ وُلِدَ وَ

پيءُ سان نيڪي ڪندڙ هو ۽ هٺيلو، جهيڙاڪ ۽ نافرمان نه هو ﴿١٤﴾ ۽ (الله جي طرفان) مٿس سلام آهي، جنهن ڏينهن

يَوْمَ يَمُوْتُ وَيَوْمَ يُبْعَثُ حَيًّا ﴿١٥﴾ ع وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ مَرْيَمَ ۘ اِذِ

پيدا ڪيو ويو ۽ جنهن ڏينهن مرندو ۽ جنهن ڏينهن جياريو ويندو ﴿١٥﴾ ۽ (اي قاب قوسين جا صاحب ﷺ! هن) ڪتاب (يعني

انْتَبَذَتْ مِنْ اَهْلِهَا مَكَانًا شَرْقِيًّا ﴿١٦﴾ فَاتَّخَذَتْ مِنْ دُوْنِهِمْ

قرآن ۾ مريم (عليه السلام) جو ذڪر ڪر. جڏهن (حيض کان پاڪ ٿيڻ لاءِ غسل جي غرض سان) پنهنجي گهر وارن کان پري پرو
اڀرندي جاءِ تي هلي وئي ﴿١٦﴾ پوءِ انهن کان پردو ڪيائين. پوءِ ان وٽ اسان پنهنجي روح (يعني جبرئيل امين عليه السلام)

حِجَابًا ۗ فَاَرْسَلْنَآ اِلَيْهَا رُوْحَنَا فَتَمَثَّلَ لَهَا بَشَرًا سَوِيًّا ﴿١٧﴾

کي موڪليو. پوءِ اهو سندس سامهون هڪ ڪامل انسان جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ﴿١٧﴾ (مريم عليها السلام) چيو ته بيشڪ

قَالَتْ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِالرَّحْمٰنِ مِنْكَ اِنْ كُنْتَ تَقِيًّا ﴿١٨﴾ قَالَ اِنَّمَآ اَنَا

آءٌ تو کان رحمٰن جي پناه وٺان ٿي، جيڪڏهن تون پرهيزگار آهين (ته مون کان پري ٿيءُ!) ﴿١٨﴾ (جبرئيل عليه السلام) چيو ته

رَسُوْلُ رَبِّكِ ۖ لِاَهَبَ لَكِ غُلٰمًا زَكِيًّا ﴿١٩﴾ قَالَتْ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ

بيشڪ آءٌ تنهنجي ربّ جو موڪليل آهيان، جيئن تو کي پاڪباز ٻار بخشيان ﴿١٩﴾ (مريم عليها السلام) چيو ته مون کي ٻار

وَّلَمْ يَمْسَسْنِيْ بَشَرٌ وَّلَمْ اَكُ بَغِيًّا ﴿٢٠﴾ قَالَ كَذٰلِكِ ۚ قَالَ رَبُّكِ هُوَ

ڪٿان ٿيندو ۽ مون کي (حلال طريقي سان) نه ڪنهن انسان هٿ لاتو آهي ۽ نه آءٌ بدڪار آهيان ﴿٢٠﴾ (جبرئيل

عَلَيَّ هَيِّنٌ ۚ وَلِنَجْعَلَهٗٓ اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَرَحْمَةً مِّنَّا ۚ وَكَانَ اَمْرًا

عليه السلام) چيو ته (ڳالهه) ائين ئي آهي، (جيئن مون تو کي چيو آهي. ٻڌ!) تنهنجو ربّ فرمائي ٿو ته اهو ڪم مون لاءِ آسان آهي ۽ جيئن
کيس ماڻهن لاءِ (پنهنجي قدرت جي) نشاني بڻايون ۽ (جيڪو شخص سندس پيروي ڪري، تنهن لاءِ) ڪيس پنهنجي طرفان رحمت

مَّقْضِيًّا ﴿۲۱﴾ فَحَمَلَتْهُ فَانْتَبَذَتْ بِهٖ مَكَانًا قَصِيًّا ﴿۲۲﴾ فَاَجَآءَهَا

جو ذريعو بڻايون ۽ (الله جي علم مطابق) ان ڪم جو فيصلو ٿي چڪو آهي ﴿۲۱﴾ (جبريل عليه السلام سندس گريبان ۾ ڦوڪ ڏني ته) مريم ان
(عيسيٰ) سان ڳورهاري ٿي وئي. پوءِ (ٻار پيدا ٿيڻ جي ملامت جي خوف سبب) هڪ ڏورانهين جاءِ تي هلي وئي ﴿۲۲﴾ پوءِ ويم

الْمَخَاضُ اِلٰى جِذْعِ النَّخْلَةِ ۚ قَالَتْ يٰلَيْتَنِيْ مِتُّ قَبْلَ هٰذَا وَ

جي سور کيس کجيءَ جي ٿڙ وٽ آندو. چوڻ لڳي ته ڪاش! هن کان اڳ مري وڃان ها ۽ بلڪل وسريل وساريل

كُنْتُ نَسْيًا مَّنْسِيًّا ﴿۲۳﴾ فَنَادٰىهَا مِنْ تَحْتِهَآ اَلَّا تَحْزَنِيْ قَدْ جَعَلَ

ٿي وڃان ها ﴿۲۳﴾ پوءِ (جبريل عليه السلام) کيس ان جي هيٺان سڏي چيو ته غم نه ڪر، بيشڪ تنهنجي ربّ تنهنجي

رَبُّكِ تَحْتَكِ سَرِيًّا ﴿۲۴﴾ وَهُزِّيْٓ اِلَيْكِ بِجِذْعِ النَّخْلَةِ تُسٰقِطْ

هيٺان هڪ چشمو جاري ڪيو آهي ﴿۲۴﴾ ۽ کجيءَ جي وڻ کي وٽي پاڻ ڏانهن ڌوڻ، اهو تو لاءِ ڪي تازيون پڪل ڪارڪون

عَلَيْكِ رُطَبًا جَنِيًّا ﴿۲۵﴾ ز فَكُلِيْ وَاشْرَبِيْ وَقَرِّيْ عَيْنًا ۚ فَاِمَّا تَرَيِنَّ

ڇاڻيندو ﴿۲۵﴾ پوءِ کاءُ ۽ پيءُ ۽ اکيون ٺار (۽ ٻار جي جمڻ جي ڪري خوش ٿيءُ!) پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي

مِنَ الْبَشَرِ اَحَدًا ۙ فَقُوْلِيْٓ اِنِّيْ نَذَرْتُ لِلرَّحْمٰنِ صَوْمًا فَلَنْ اُكَلِّمَ

ڏسين، (جيڪو توکان پڇي ته) چؤ ته بيشڪ مون الله لاءِ (چپ جي) روزي جي باس باسي آهي، پوءِ اڄ هرگز ڪنهن

الْيَوْمَ اِنْسِيًّا ﴿۲۶﴾ ج فَاَتَتْ بِهٖ قَوْمَهَا تَحْمِلُهٗ ؕ قَالُوْا يٰمَرْيَمُ لَقَدْ جِئْتِ

انسان سان نه ڳالهائينديس ﴿۲۶﴾ پوءِ انهيءَ (عيسيٰ عليه السلام) کي پنهنجي قوم وٽ کڻي آئي. چيائونس ته اي مريم!

شَيْـًٔا فَرِيًّا ﴿۲۷﴾ يٰٓاُخْتَ هٰرُوْنَ مَا كَانَ اَبُوْكِ امْرَاَ سَوْءٍ وَّمَا كَانَتْ

بيشڪ تو ته ڏاڍي بڇڙي شيءِ آندي آهي ﴿۲۷﴾ اي هارون جي ڀيڻ! تنهنجو پيءُ ته بڇڙو مرد نه هو ۽ نه تنهنجي ماءُ بدڪار

اُمُّكِ بَغِيًّا ﴿۲۸﴾ صلے فَاَشَارَتْ اِلَيْهِ ؕ قَالُوْا كَيْفَ نُكَلِّمُ مَنْ كَانَ فِي

هئي (پوءِ هيءُ ٻار ڪٿان آندئي؟) ﴿۲۸﴾ پوءِ مريم ٻار ڏانهن اشارو ڪيو (ته هن کان پڇو.) انهن چيو ته اسين هنج ۾ کير پياڪ

الْمَهْدِ صَبِيًّا ﴿٢٩﴾ قَالَ اِنِّىْ عَبْدُ اللّٰهِ ۖ اٰتٰنِىَ الْكِتٰبَ وَجَعَلَنِىْ

بار سان ڪيئن ڳالهايون؟ ﴿٢٩﴾ (ڪير پياڪ ٻار ماءُ جي هنج ۾ چڻي ٻوليءَ ۾) چيو تہ بيشڪ آءٌ الله جو ٻانهو آهيان.

نَبِيًّا ﴿٣٠﴾ وَّجَعَلَنِىْ مُبٰرَكًا اَيْنَ مَا كُنْتُ ۖ وَاَوْصٰنِىْ بِالصَّلٰوةِ

(الله) مون کي (پنهنجي ازلي علم مطابق ماءُ جي هنج ۾ ئي پنهنجو) ڪتاب ڏنو آهي ۽ مون کي پيغمبر ڪيائين ﴿٣٠﴾ ۽
مون کي برڪت وارو ڪيائين، جتي بہ هجان ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين مون کي نماز جي قائم ڪرڻ ۽ زڪوٰة جي ڏيڻ

وَالزَّكٰوةِ مَا دُمْتُ حَيًّا ﴿٣١﴾ وَّبَرًّا بِوَالِدَتِىْ ۡ وَلَمْ يَجْعَلْنِىْ جَبَّارًا

جي تاڪيد فرمايائين ﴿٣١﴾ ۽ پنهنجي ماءُ سان نيڪي ڪندڙ ڪيائين ۽ مون کي هٺيلو ۽ بدبخت نہ

شَقِيًّا ﴿٣٢﴾ وَالسَّلٰمُ عَلَىَّ يَوْمَ وُلِدْتُّ وَيَوْمَ اَمُوْتُ وَيَوْمَ اُبْعَثُ

ڪيائين ﴿٣٢﴾ ۽ (الله جي طرفان) مون تي سلامتي آهي، جنهن ڏينهن آءٌ پيدا ٿيو آهيان ۽ جنهن ڏينهن مرندس ۽ جنهن

حَيًّا ﴿٣٣﴾ ذٰلِكَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ ۚ قَوْلَ الْحَقِّ الَّذِىْ فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿٣٤﴾

ڏينهن مون کي جيئرو ڪري اٿاريو ويندو ﴿٣٣﴾ اها آهي عيسىٰ پٽ مريم (عليهما السلام) جي باري ۾ سچي ڳالهہ (جنهن،
عيسائين جي شرڪي عقيدي جي بجاءِ پاڻ کي الله جو ٻانهو قرار ڏنو.) جنهن جي باري ۾ شڪ ڪن ٿا ﴿٣٤﴾ الله جو اهو شان

مَا كَانَ لِلّٰهِ اَنْ يَّتَّخِذَ مِنْ وَّلَدٍ ۙ سُبْحٰنَهٗ ؕ اِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا

نہ آهي تہ ڪنهن کي پنهنجو پٽ بڻائي. (انهن ڳالهين کان) اهو پاڪ آهي. جڏهن ڪنهن ڪم جو فيصلو ڪندو آهي تہ ان

يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٣٥﴾ ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ رَبِّىْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا

کي چوندو آهي تہ ٿيءُ تہ ٿي پوندو آهي ﴿٣٥﴾ ۽ بيشڪ الله منهنجو ربّ ۽ توهان جو بہ ربّ آهي، پوءِ سندس ئي

صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٣٦﴾ فَاخْتَلَفَ الْاَحْزَابُ مِنْ بَيْنِهِمْ ۚ فَوَيْلٌ

عبادت ڪريو. اها ئي سڌي واٽ آهي ﴿٣٦﴾ پوءِ انهن (عيسائي) ٽولين (حضرت عيسىٰ عليه السلام جي باري ۾) پاڻ ۾ اختلاف

لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ مَّشْهَدِ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٣٧﴾ اَسْمِعْ بِهِمْ وَاَبْصِرْ ۙ يَوْمَ

ڪيو. پوءِ (قيامت ۽ حساب ڪتاب جي) وڏي ڏينهن جي حاضر ٿيڻ سبب ڪافرن لاءِ خرابي آهي ﴿٣٧﴾ (جنهن) ڏينهن اسان

يَأْتُوْنَنَا لٰكِنِ الظّٰلِمُوْنَ الْيَوْمَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۳۸﴾ وَاَنْذِرْهُمْ

وٽ ايندا تہ (حقّ کي) ڪيئن چڱيءَ طرح ٻڌندا ۽ ڏسندا. (پر ڪهڙو فائدو؟ ان ڏينهن سڀ سچ کي اکين سان ڏسندا.) پر

يَوْمَ الْحَسْرَةِ اِذْ قُضِيَ الْاَمْرُ ۘ وَهُمْ فِيْ غَفْلَةٍ وَّهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۳۹﴾ وقف لازم

ظالم اڄ پڌري گمراهيءَ ۾ آهن ﴿۳۸﴾ ۽ (اي محمد ﷺ! مڪي جي ڪافرن کي) حسرت (يعني قيامت) جي ڏينهن کان ڏيڄار، جڏهن
معاملي جو فيصلو ڪيو ويندو (۽ موت کي ذبح ڪيو ويندو) ۽ اهي (ان ڏينهن جي اچڻ کان وڏي) غفلت ۾ آهن ۽ اهي ايمان نٿا آڻين ﴿۳۹﴾

اِنَّا نَحْنُ نَرِثُ الْاَرْضَ وَمَنْ عَلَيْهَا وَاِلَيْنَا يُرْجَعُوْنَ ﴿۴۰﴾ ع وَاذْكُرْ فِي ع ۵

بيشڪ زمين ۽ جيڪي شيون ان ۾ آهن، اسين ئي سڀ جا وارث ٿينداسون ۽ اسان ڏانهن ئي ڪين موٽايو ويندو ﴿۴۰﴾ ۽ (اي محمد

الْكِتٰبِ اِبْرٰهِيْمَ ۬ۥ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيْقًا نَّبِيًّا ﴿۴۱﴾ اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ

ﷺ پنهنجي قوم لاءِ) ڪتاب ۾ ابراهيم جو (قصو) بيان ڪر. بيشڪ اهو سچو نبي هو ﴿۴۱﴾ جڏهن پنهنجي پيءُ کي چيائين تہ اي

يٰاَبَتِ لِمَ تَعْبُدُ مَا لَا يَسْمَعُ وَلَا يُبْصِرُ وَلَا يُغْنِيْ عَنْكَ شَيْئًا ﴿۴۲﴾

منهنجا ابا! (انهن بتن جي) عبادت ڇو ٿو ڪرين، جيڪي نہ ٻڌن ٿا، نہ ڏسن ٿا ۽ نہ تو کان (الله جي عذاب) کي ٽاري سگهن ٿا ﴿۴۲﴾

يٰاَبَتِ اِنِّيْ قَدْ جَآءَنِيْ مِنَ الْعِلْمِ مَا لَمْ يَاْتِكَ فَاتَّبِعْنِيْٓ اَهْدِكَ

اي منهنجا ابا! بيشڪ مون وٽ (الله وٽان) اهو علم اچي چڪو آهي، جيڪو تو وٽ نہ آيو آهي، پوءِ منهنجي پيروي ڪر تہ

صِرَاطًا سَوِيًّا ﴿۴۳﴾ يٰاَبَتِ لَا تَعْبُدِ الشَّيْطٰنَ ۭ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ

تو کي سنئون رستو ڏيکاريان ﴿۴۳﴾ اي منهنجا ابا! شيطان جي پوڄا نہ ڪر، بيشڪ شيطان ٻاجهاري (الله) جو

لِلرَّحْمٰنِ عَصِيًّا ﴿۴۴﴾ يٰاَبَتِ اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يَّمَسَّكَ عَذَابٌ مِّنَ

نافرمان آهي ﴿۴۴﴾ اي منهنجا ابا! بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو تہ تو کي رحمٰن جي طرفان ڪو عذاب پهچي،

الرَّحْمٰنِ فَتَكُوْنَ لِلشَّيْطٰنِ وَلِيًّا ﴿۴۵﴾ قَالَ اَرَاغِبٌ اَنْتَ عَنْ اٰلِهَتِيْ

پوءِ تون (دوزخ ۾) شيطان جو ساٿي ٿئين ﴿۴۵﴾ (سندس پيءُ) چيو تہ اي ابراهيم (عليه السلام)! ڇا تون منهنجن معبودن

يٰاِبۡرٰهِيۡمُ ۚ لَئِنۡ لَّمۡ تَنۡتَهِ لَاَرۡجُمَنَّكَ وَاهۡجُرۡنِىۡ مَلِيًّا ﴿۴۶﴾ قَالَ

(جيءِ پوڄا) ڪان منهن موڙيندڙ (۽ منحرف) آهين؟ جيڪڏهن (بتن ڪي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ڪان) نہ مُڙندين تہ ضرور تو کي پٿر
چٽي ماريندس ۽ گهڻي مدت تائين مون ڪان پري ٿيءُ ﴿۴۶﴾ (ابراهيم ؑ) چيو تہ تو تي سلام هجي، سگهوئي پنهنجي

سَلٰمٌ عَلَيۡكَ ۚ سَاَسۡتَغۡفِرُ لَكَ رَبِّىۡ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِىۡ حَفِيًّا ﴿۴۷﴾ وَ

ربّ کان تنهنجي لاءِ بخشش گهرندس، بيشڪ اهو مون تي ڏاڍو مهربان آهي ﴿۴۷﴾ ۽ توهان کي ۽ جن (بتن) کي توهان

اَعۡتَزِلُكُمۡ وَمَا تَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَاَدۡعُوۡا رَبِّىۡ ۖ عَسٰۤى اَلَّاۤ

الله کان سواءِ سڏيو ٿا، ڇڏيان ٿو ۽ پنهنجي ربّ کي سڏيان ٿو، اميد آهي تہ پنهنجي ربّ کي سڏي محروم نہ ٿيندس

اَكُوۡنَ بِدُعَآءِ رَبِّىۡ شَقِيًّا ﴿۴۸﴾ فَلَمَّا اعۡتَزَلَهُمۡ وَمَا يَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ

(جيئن توهان بتن جي پوڄا سبب محروم ۽ بدبخت آهيو) ﴿۴۸﴾ پوءِ جڏهن انهن کان ۽ (سندن بتن کان)، جن کي الله کان

دُوۡنِ اللّٰهِ ۙ وَهَبۡنَا لَهٗۤ اِسۡحٰقَ وَيَعۡقُوۡبَ ؕ وَكُلًّا جَعَلۡنَا نَبِيًّا ﴿۴۹﴾

سواءِ پوڄيندا هئا، جدا ٿي (ملڪ شام) ويو تہ کيس اسحاق ۽ يعقوب بخشيوسون ۽ هر هڪ کي پيغمبر ڪيوسون ﴿۴۹﴾

وَوَهَبۡنَا لَهُمۡ مِّنۡ رَّحۡمَتِنَا وَجَعَلۡنَا لَهُمۡ لِسَانَ صِدۡقٍ عَلِيًّا ﴿۵۰﴾ وَ

۽ کين پنهنجي رحمت (يعني نبوّت، ڪتاب ۽ مال، ملڪيت) سان نوازيوسون ۽ (سيني مذهبن وارن ۾) سندن سچي

اذۡكُرۡ فِى الۡكِتٰبِ مُوۡسٰٓى ۙ اِنَّهٗ كَانَ مُخۡلَصًا وَّكَانَ رَسُوۡلًا نَّبِيًّا ﴿۵۱﴾

يادگيري (۽) بلند مقام کي باقي رکيوسون ﴿۵۰﴾ ۽ (اي محمد ﷺ! هن) ڪتاب (قرآن مجيد) ۾ موسيٰ (ؑ) جو ذڪر ڪر، بيشڪ
اهو هڪ مخلص ۽ (ڪتاب ۽ مستند شريعت وارو) رسول (۽ معجزا ڏيکاريندڙ الله جو) نبي هو ﴿۵۱﴾ ۽ (مصر ڏانهن موٽڻ وقت) کيس طور

وَنَادَيۡنٰهُ مِنۡ جَانِبِ الطُّوۡرِ الۡاَيۡمَنِ وَقَرَّبۡنٰهُ نَجِيًّا ﴿۵۲﴾ وَوَهَبۡنَا

جبل جي ساڄي پاسي سڏيوسون ۽ ساڻس مناجات ڪرڻ لاءِ کيس پنهنجي حضور ۾ ويجهو ڪيوسون ﴿۵۲﴾ ۽ پنهنجي

لَهٗ مِنۡ رَّحۡمَتِنَاۤ اَخَاهُ هٰرُوۡنَ نَبِيًّا ﴿۵۳﴾ وَاذۡكُرۡ فِى الۡكِتٰبِ اِسۡمٰعِيۡلَ ۙ

ٻاجھ سبب کيس سندس ڀاءُ هارون (ؑ) پيغمبر عطا ڪيوسون ﴿۵۳﴾ ۽ (اي محمد ﷺ! پنهنجي قوم لاءِ) ڪتاب ۾

ع ۲/۳

إِنَّهُۥ كَانَ صَادِقَ ٱلْوَعْدِ وَكَانَ رَسُولًا نَّبِيًّا ﴿٥٤﴾ وَكَانَ يَأْمُرُ

اسماعيل (عليه السلام) جو ذڪر ڪر، بيشڪ اهو وعدي جو سچو ۽ رسول (۽ معجزن وارو) نبي هو ﴿٥٤﴾ ۽ پنهنجي گھر وارن (۽

أَهْلَهُۥ بِٱلصَّلَوٰةِ وَٱلزَّكَوٰةِ وَكَانَ عِندَ رَبِّهِۦ مَرْضِيًّا ﴿٥٥﴾ وَٱذْكُرْ

پنهنجي قوم يعني جرهم قبيلي) کي نماز ۽ زڪوٰة جو حڪم ڪندو هو ۽ پنهنجي ربّ جو پيارو هو ﴿٥٥﴾ ۽ ڪتاب

فِى ٱلْكِتَٰبِ إِدْرِيسَ إِنَّهُۥ كَانَ صِدِّيقًا نَّبِيًّا ﴿٥٦﴾ وَرَفَعْنَٰهُ مَكَانًا

۾ ادريس (عليه السلام) جو ذڪر ڪر، بيشڪ اهو هڪ سچو نبي هو ﴿٥٦﴾ ۽ ڪيس مٿانهين جاءِ (يعني چوٿين آسمان يا جنت) ۾

عَلِيًّا ﴿٥٧﴾ أُو۟لَٰٓئِكَ ٱلَّذِينَ أَنْعَمَ ٱللَّهُ عَلَيْهِم مِّنَ ٱلنَّبِيِّۦنَ مِن

ڪڍائي ورتوسون ﴿٥٧﴾ اِهي نبي (سڀ جن جو هن سورت ۾ بيان ٿيو آهي.) اُهي آهن جن تي الله فضل فرمايو

ذُرِّيَّةِ ءَادَمَ وَمِمَّنْ حَمَلْنَا مَعَ نُوحٍ وَمِن ذُرِّيَّةِ إِبْرَٰهِيمَ وَ

(جيڪي) آدم (عليه السلام) جي اولاد ۽ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندڙ نوح (عليه السلام) جي ساٿين ۽ ابراهيم (عليه السلام) ۽ يعقوب (عليه السلام)

إِسْرَٰٓءِيلَ وَمِمَّنْ هَدَيْنَا وَٱجْتَبَيْنَآ إِذَا تُتْلَىٰ عَلَيْهِمْ ءَايَٰتُ

جي اولاد مان ۽ (پڻ) انهن مان هئا، جن کي هدايت ڏني سون ۽ چونڊيوسون. جڏهن کين رحمٰن جون آيتون پڙهي

ٱلرَّحْمَٰنِ خَرُّوا۟ سُجَّدًا وَبُكِيًّا ۩ ﴿٥٨﴾ فَخَلَفَ مِنۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ السجدة ٥

ٻڌائبيون هيون ته سجدي ۾ ڪري پوندا هئا ۽ روئندا هئا ﴿٥٨﴾ پوءِ انهن کان بعد (سندن پيڙهيءَ مان) ڪيترا بدبخت پيدا

أَضَاعُوا۟ ٱلصَّلَوٰةَ وَٱتَّبَعُوا۟ ٱلشَّهَوَٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ﴿٥٩﴾ إِلَّا

ٿيا، جن نماز کي ضايع ڪيو ۽ خواهشن جي پيروي ڪيائون، پوءِ سگھوئي دوزخ جي ماٿريءَ ۾ وجهي پوندا ﴿٥٩﴾ مگر

مَن تَابَ وَءَامَنَ وَعَمِلَ صَٰلِحًا فَأُو۟لَٰٓئِكَ يَدْخُلُونَ ٱلْجَنَّةَ وَ

جن (نماز ۾ ڪوتاهيءَ کان) توبه ڪئي ۽ (پيغمبرن تي) ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون پوءِ اهي جنت ۾ داخل ٿيندا

لَا يُظْلَمُوْنَ شَيْـًٔا ﴿٦٠﴾ جَنّٰتِ عَدْنِ ۨالَّتِيْ وَعَدَ الرَّحْمٰنُ عِبَادَهٗ

۽ (ثواب ڏيڻ ۾) مٿن ڪوظلم نہ ڪبو ﴿٦٠﴾ (سندن جاءِ) سدائين رهندڙ باغ آهن، جن جو رحمٰن پنهنجن ٻانهن سان

بِالْغَيْبِ ۭ اِنَّهٗ كَانَ وَعْدُهٗ مَاْتِيًّا ﴿٦١﴾ لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا اِلَّا

اڻ ڏٺي وعدو ڪيو آهي، بيشڪ سندس وعدي جو وقت اچڻ وارو آهي ﴿٦١﴾ انهن ۾ ڪا اجائي ڳالھ نہ ٻڌندا، سواءِ

سَلٰمًا ۭ وَلَهُمْ رِزْقُهُمْ فِيْهَا بُكْرَةً وَّعَشِيًّا ﴿٦٢﴾ تِلْكَ الْجَنَّةُ

سلام جي ۽ انهن ۾ سندن لاءِ صبح ۽ شام سندن روزي آهي ﴿٦٢﴾ اِها آهي اُها جنت، جنهن جو پنهنجن ٻانهن

الَّتِيْ نُوْرِثُ مِنْ عِبَادِنَا مَنْ كَانَ تَقِيًّا ﴿٦٣﴾ وَمَا نَتَنَزَّلُ اِلَّا بِاَمْرِ

مان ان کي وارث ڪنداسون، جيڪو پرهيزگار هوندو ﴿٦٣﴾ ۽ (ملائڪ چون ٿا تہ) اسين تنهنجي ربّ جي حڪم کان

رَبِّكَ ۚ لَهٗ مَا بَيْنَ اَيْدِيْنَا وَمَا خَلْفَنَا وَمَا بَيْنَ ذٰلِكَ ۚ وَمَا كَانَ

سواءِ نٿا لهون. جيڪي ڪجھ اسان جي اڳيان آهي (يعني آخرت) ۽ جيڪي ڪجھ اسان جي پويان آهي (يعني جو دنيا مان گذري چڪو)، ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، سو سڀ الله جو آهي ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) تنهنجو ربّ (توکي) وساريندڙ نہ

رَبُّكَ نَسِيًّا ﴿٦٤﴾ ۚ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا فَاعْبُدْهُ

آهي ﴿٦٤﴾ آسمانن ۽ زمين ۽ ٻنهي جي وچ ۾ جيڪي ڪجھ آهي، انهن جو اهو ئي ربّ آهي. پوءِ سندس عبادت ڪر ۽

وَاصْطَبِرْ لِعِبَادَتِهٖ ۭ هَلْ تَعْلَمُ لَهٗ سَمِيًّا ﴿٦٥﴾ ۧ وَيَقُوْلُ الْاِنْسَانُ

سندس عبادت تي صبر سان قائم رهہ. ڇا تون اهڙو ڪو نالو ڄاڻين ٿو؟ ﴿٦٥﴾ ۽ انسان (يعني منافق اُبيّ بن خلف) ٿو ليون

ءَاِذَا مَا مِتُّ لَسَوْفَ اُخْرَجُ حَيًّا ﴿٦٦﴾ اَوَلَا يَذْكُرُ الْاِنْسَانُ اَنَّا خَلَقْنٰهُ

ڪندي) چوي ٿو تہ ڇا جڏهن مرندس تہ واقعي مون کي (قبر مان) جيئرو ڪري اٿاريو ويندو؟ ﴿٦٦﴾ ڇا انسان ياد نٿو ڪري تہ

مِنْ قَبْلُ وَلَمْ يَكُ شَيْـًٔا ﴿٦٧﴾ فَوَرَبِّكَ لَنَحْشُرَنَّهُمْ وَالشَّيٰطِيْنَ

اسان ڪيس ان کان اڳ پيدا ڪيو ۽ اهو ڪا شيءِ نہ هو؟ ﴿٦٧﴾ پوءِ تنهنجي ربّ جو قسم! ضرور ڪين ۽ شيطانن کي گڏ

ع ٤ ١٥

ثُمَّ لَنُحۡضِرَنَّهُمۡ حَوۡلَ جَهَنَّمَ جِثِيًّا ۚ ﴿۶۸﴾ ثُمَّ لَنَنۡزِعَنَّ مِنۡ كُلِّ

ڪنداسون. پوءِ ضرور کين جهنم جي چوڌاري گوڏن ڀر (اونڌي منهن) حاضر ڪنداسون ﴿۶۸﴾ پوءِ هر ٽوليءَ مان انهن

شِيۡعَةٍ اَيُّهُمۡ اَشَدُّ عَلَى الرَّحۡمٰنِ عِتِيًّا ۚ ﴿۶۹﴾ ثُمَّ لَنَحۡنُ اَعۡلَمُ

ماڻهن کي ضرور ڇڪي ڪيدنداسون، جن رحمٰن جي خلاف (سڀ کان) وڌيڪ نافرماني ڪئي ﴿۶۹﴾ پوءِ اسان انهن کي

بِالَّذِيۡنَ هُمۡ اَوۡلٰى بِهَا صِلِيًّا ﴿۷۰﴾ وَاِنۡ مِّنۡكُمۡ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ كَانَ

وڌيڪ ڄاڻون ٿا، جيڪي دوزخ ۾ داخل ٿيڻ جا وڌيڪ حقدار آهن ﴿۷۰﴾ ۽ توهان مان هرهڪ دوزخ وٽ پهچڻ وارو آهي، اهو

عَلٰى رَبِّكَ حَتۡمًا مَّقۡضِيًّا ۚ ﴿۷۱﴾ ثُمَّ نُنَجِّى الَّذِيۡنَ اتَّقَوْا وَّنَذَرُ

تنهنجي ربّ جو طي ڪيل (قطعي وعدو) آهي ﴿۷۱﴾ (دوزخ وٽ اچڻ کان) پوءِ انهن کي نجات ڏينداسون، جن (شرڪ کان)

الظّٰلِمِيۡنَ فِيۡهَا جِثِيًّا ﴿۷۲﴾ وَاِذَا تُتۡلٰى عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالَ الَّذِيۡنَ

پاڻ کي بچايو ۽ ظالمن (۽ مشرڪن) کي ان ۾ گوڏن ڀر اڇلائينداسون ﴿۷۲﴾ ۽ جڏهن مٿن اسان جون روشن آيتون پڙهبيون

كَفَرُوۡا لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡٓا ۙ اَىُّ الۡفَرِيۡقَيۡنِ خَيۡرٌ مَّقَامًا وَّاَحۡسَنُ نَدِيًّا ﴿۷۳﴾

آهن ته ڪافر مؤمنن کي چوندا آهن ته (اسان ۽ توهان) ٻنهي مان مقام (۽) مجلس جي اعتبار سان ڪهڙي

وَكَمۡ اَهۡلَكۡنَا قَبۡلَهُمۡ مِّنۡ قَرۡنٍ هُمۡ اَحۡسَنُ اَثَاثًا وَّرِءۡيًا ﴿۷۴﴾ قُلۡ مَنۡ

ٽولي وڌيڪ چڱي آهي؟ ﴿۷۳﴾ ۽ اسين انهن کان اڳ ڪيترا زمانا هلاڪ ڪري چڪا آهيون، جيڪي سامان ۾ به (انهن کان) وڌيڪ
چڱا ۽ ڏسڻ ۾ (به انهن کان) وڌيڪ سهڻا هئا ﴿۷۴﴾ (اي محمد ﷺ! ڪين) فرماءِ ته جيڪو شخص گمراهي (۽ شرڪ) ۾ مبتلا آهي،

كَانَ فِى الضَّلٰلَةِ فَلۡيَمۡدُدۡ لَهُ الرَّحۡمٰنُ مَدًّا ۚ حَتّٰٓى اِذَا رَاَوۡا مَا

تنهن کي الله مهلت ڏئي (مال ملڪيت ، سنگت ساٿ ۽ چمار ۾) وڌيڪ وڌائيندو آهي، تانجو جڏهن انهيءَ شيءِ کي

يُوۡعَدُوۡنَ اِمَّا الۡعَذَابَ وَاِمَّا السَّاعَةَ ؕ فَسَيَعۡلَمُوۡنَ مَنۡ هُوَ شَرٌّ

ڏسندا جنهن جو ساڻن وعدو ڪجي ٿو (يعني دنيا ۾ قتل ۽ قيد جو) عذاب يا قيامت (۾ باهه جو عذاب) ته پوءِ ڄاڻندا ته ڪير

مَّكَانًا وَّ اَضْعَفُ جُنْدًا ﴿٧٥﴾ وَيَزِيْدُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اهْتَدَوْا هُدًى ؕ

مقام ۾ وڌيڪ بڇڙو ۽ لشڪر ۾ وڌيڪ هيڻو آهي ﴿٧٥﴾ ۽ الله هدايت ۾ وڌائي ٿو، انهن کي جن (يقين ۽ ايمان جي) هدايت

وَالْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ مَّرَدًّا ﴿٧٦﴾

واري واٽ ورتي ۽ باقي رهندڙ نيڪيون (يعني چڱو عمل ۽ پنج وقتي نماز) تنهنجي ربّ وٽ ثواب ۾ چڱيون ۽ عاقبت

اَفَرَءَيْتَ الَّذِيْ كَفَرَ بِاٰيٰتِنَا وَقَالَ لَاُوْتَيَنَّ مَالًا وَّوَلَدًا ؕ ﴿٧٧﴾

جي اعتبار سان بهترين آهن ﴿٧٦﴾ (اي پيغمبر ﷺ!) ڇا پوءِ ان شخص (يعني عاص بن وائل) کي نه ڏٺئي، جنهن اسان جي آيتن جو
انڪار ڪيو (۽ ٺٺوليون ڪندي) چيائين ته (جيڪڏهن مون کي قيامت جي ڏينهن جيئرو ڪيو به ويو ته به) ضرور مون کي وڌيڪ مال

اَطَّلَعَ الْغَيْبَ اَمِ اتَّخَذَ عِنْدَ الرَّحْمٰنِ عَهْدًا ﴿٧٨﴾ كَلَّا ؕ سَنَكْتُبُ مَا

۽ اولاد عطا ڪيو ويندو ﴿٧٧﴾ ڇا اهو ڳجهه ڄاڻي ٿو (ته سندس لاءِ جنت آهي)، يا رحمٰن کان (توحيد ۽ اسلام جو) عهد ورتو اٿس (جنهن
جي نتيجي ۾ کيس جنت ملندي.) ﴿٧٨﴾ ائين هرگز نه آهي (جيئن چوي ٿو.) جيڪي ڪجهه چوي ٿو، سگهوئي لکنداسون

يَقُوْلُ وَنَمُدُّ لَهٗ مِنَ الْعَذَابِ مَدًّا ﴿٧٩﴾ وَّنَرِثُهٗ مَا يَقُوْلُ وَيَاْتِيْنَا

۽ ضرور کيس عذاب مٿان عذاب ۾ وڌائينداسون ﴿٧٩﴾ ۽ جيڪي ڪجهه چوي ٿو (ته آءٌ بهشت ۾ وڃڻ وارو آهيان)، تنهن جا

فَرْدًا ﴿٨٠﴾ وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لِّيَكُوْنُوْا لَهُمْ عِزًّا ﴿٨١﴾

اسان ئي وارث ٿينداسون ۽ اسان وٽ اڪيلو پهچندو ﴿٨٠﴾ ۽ انهن (مڪي جي مشرڪن) الله کان سواءِ (بتن) کي معبود
نهرايو آهي، جيئن اهي سندن لاءِ عزت جو سبب ٿين (۽ کين الله جي عذاب کان بچائين) ﴿٨١﴾ ائين هرگز نه آهي،

كَلَّا ؕ سَيَكْفُرُوْنَ بِعِبَادَتِهِمْ وَيَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِمْ ضِدًّا ﴿٨٢﴾ اَلَمْ

سگهوئي (سندن معبود سندن) پوڄا کان انڪار ڪندا ۽ سندن دشمن ۽ مخالف ٿيندا ﴿٨٢﴾ (اي پيغمبر ﷺ!) ڇا نه ڏٺئي ته

تَرَ اَنَّآ اَرْسَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ تَؤُزُّهُمْ اَزًّا ﴿٨٣﴾ فَلَا

اسين شيطانن کي ڪافرن تي موڪليون ٿا، جيڪي کين (نافرمانيءَ جي ڪمن تي) اڀاريندا رهن ٿا ﴿٨٣﴾ پوءِ مٿن (عذاب

تَعْجَلْ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّمَا نَعُدُّ لَهُمْ عَدًّا ﴿٨٤﴾ يَوْمَ نَحْشُرُ الْمُتَّقِيْنَ اِلَى

لاءِ) جلدي نه ڪر، بيشڪ اسان سندن لاءِ (ڏينهن ۽ رات) ڳڻيون ٿا چڱيءَ طرح ڳڻڻ ﴿٨٤﴾ (۽ اي محمد ﷺ! ياد ڪر اهو)

ع ٥ / ٧ / ٨

الرَّحْمٰنِ وَفْدًا ﴿۸۵﴾ وَّنَسُوْقُ الْمُجْرِمِيْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ وِرْدًا ﴿۸۶﴾ لَا يَمْلِكُوْنَ وقف لازم

ڏينهن، جڏهن پرهيزگارن کي رحمٰن (يا رحمت جي گهر) ڏانهن گڏ ڪري (عزت سان ۽) سواريءَ تي (مهمانيءَ لاءِ) آڻينداسون ﴿۸۵﴾ ۽
ڏوهارين کي دوزخ ۾ اڃايل حالت ۾ هڪليندا سون ﴿۸۶﴾ (ڪنهن جي به) شفاعت جا مالڪ (۽ حقدار) نه ٿيندا، مگر جنهن رحمٰن

الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنِ اتَّخَذَ عِنْدَ الرَّحْمٰنِ عَهْدًا ﴿۸۷﴾ وَقَالُوا اتَّخَذَ وقف لازم

کان عهد ورتو (يعني جيڪي ماڻهو توحيد تي هليا، جيڪا شفاعت جو موجب آهي) ﴿۸۷﴾ ۽ انهن چيو ته رحمٰن

الرَّحْمٰنُ وَلَدًا ﴿۸۸﴾ لَقَدْ جِئْتُمْ شَيْـًٔا اِدًّا ﴿۸۹﴾ تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ

پنهنجي لاءِ پٽ ورتو آهي ﴿۸۸﴾ بيشڪ توهان ڏاڍي بڇڙي ڳالهه چئي آهي ﴿۸۹﴾ ويجهو آهي ته انهيءَ (بيهوده)

مِنْهُ وَتَنْشَقُّ الْاَرْضُ وَتَخِرُّ الْجِبَالُ هَدًّا ﴿۹۰﴾ اَنْ دَعَوْا لِلرَّحْمٰنِ

ڳالهه چوڻ جي ڪري آسمان ڦاٽي پون ۽ زمين چيرجي پوي ۽ جبل ٽڪر ٽڪر ٿي ڪرن ﴿۹۰﴾ جو رحمٰن لاءِ پٽ جي

وَلَدًا ﴿۹۱﴾ وَمَا يَنْۢبَغِيْ لِلرَّحْمٰنِ اَنْ يَّتَّخِذَ وَلَدًا ﴿۹۲﴾ اِنْ كُلُّ مَنْ فِي

دعويٰ ۽ نسبت ڪن ٿا ﴿۹۱﴾ ۽ رحمٰن کي نٿو جڳائي ته پنهنجي لاءِ اولاد وٺي ﴿۹۲﴾ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي به آهن،

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اِلَّآ اٰتِي الرَّحْمٰنِ عَبْدًا ﴿۹۳﴾ لَقَدْ اَحْصٰىهُمْ وَعَدَّهُمْ

سڀ رحمٰن وٽ ٻانها ٿي ايندا ﴿۹۳﴾ بيشڪ (الله سندن احوال) ڄاتو آهي ۽ سندن تعداد ڳڻي ڇڏيو آهي. (ڪو به ان

عَدًّا ﴿۹۴﴾ وَكُلُّهُمْ اٰتِيْهِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فَرْدًا ﴿۹۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

کان ڳجهو نه آهي) ﴿۹۴﴾ قيامت جي ڏينهن انهن مان هر هڪ الله وٽ اڪيلو ايندو ﴿۹۵﴾ بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا

الصّٰلِحٰتِ سَيَجْعَلُ لَهُمُ الرَّحْمٰنُ وُدًّا ﴿۹۶﴾ فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ

ڪم ڪيائون، تن جي لاءِ رحمٰن سگهوئي (مؤمنن جي دلين ۾) محبت وجهندو ﴿۹۶﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ!) بيشڪ اسان هن
(قرآن) کي تنهنجي زبان تي آسان ڪيو آهي (۽ ان کي تنهنجي ٻوليءَ ۾ لاٿو آهي)، جيئن انهيءَ ذريعي پرهيزگارن

لِتُبَشِّرَ بِهِ الْمُتَّقِيْنَ وَتُنْذِرَ بِهٖ قَوْمًا لُّدًّا ﴿۹۷﴾ وَكَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ

کي خوشخبري ڏئين ۽ هڪ جهڳڙالو قوم (يعني قريش) کي ڊيڄارين ﴿۹۷﴾ ۽ اسان انهن کان اڳ ڪيترا زمانا هلاڪ ڪري

مِّنْ قَرْنٍ ؕ هَلْ تُحِسُّ مِنْهُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَوْ تَسْمَعُ لَهُمْ رِكْزًا ﴿٩٨﴾ ع ١٦ ٩ النصف

چڪا آهيون، ڇا انهن مان ڪنهن هڪ کي لهين ٿو، يا انهن مان ڪنهن هڪ جي ڪا پٽڪ ٻڌين ٿو؟ ﴿٩٨﴾

(٢٠) سُوْرَةُ طٰهٰ مَكِّيَّةٌ (٤٥)

اٰيَاتُهَا ١٣٥ — رُكُوْعَاتُهَا ٨

سورة طٰهٰ مڪي آهي ۽ منجهس هڪ سو پنجٽيهه آيتون ۽ اٺ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله غمخوار جي نالي سان وقت خوش گذاريان ٿو، شروع ڪريان ٿو الله جي نالي سان جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

طٰهٰ ﴿١﴾ مَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لِتَشْقٰٓى ﴿٢﴾ اِلَّا تَذْكِرَةً لِّمَنْ

طٰهٰ ﴿١﴾ (اي دليريءَ ۾ ڪامل! اي چوڏهين جا چنڊ ﷺ!) اسان توتي قرآن هن لاءِ نه لاٿو آهي ته ڪشالا ڪڍين ۽ رنج سهين ﴿٢﴾ پر

يَّخْشٰى ﴿٣﴾ تَنْزِيْلًا مِّمَّنْ خَلَقَ الْاَرْضَ وَالسَّمٰوٰتِ الْعُلٰى ﴿٤﴾ اَلرَّحْمٰنُ

(ان کي اسان) نصيحت (جو ڪتاب) ڪري لاٿو آهي، انهيءَ شخص جي لاءِ جيڪو (الله کان) ڊڄي ٿو ﴿٣﴾ انهيءَ ذات جي طرفان لاٿل آهي، جنهن زمين ۽ بلند آسمانن کي خلقيو آهي ﴿٤﴾ (۽ جيڪو) روزي ڏيندڙ ۽ عرش تي قائم آهي ﴿٥﴾ جيڪي ڪجهه آسمانن

عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوٰى ﴿٥﴾ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا

۾ ۽ جيڪي ڪجهه زمين ۾ ۽ جيڪي ڪجهه انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي ۽ جيڪي ڪجهه زمين جي هيٺان آهي، سڀ الله جو

وَمَا تَحْتَ الثَّرٰى ﴿٦﴾ وَاِنْ تَجْهَرْ بِالْقَوْلِ فَاِنَّهٗ يَعْلَمُ السِّرَّ وَاَخْفٰى ﴿٧﴾

آهي ﴿٦﴾ ۽ جيڪڏهن ڏاڍيان ڳالهائين (يا هوريان ڳالهائين)، بيشڪ (اهو دلين جا راز) ۽ وڌيڪ ڳجهيون ڳالهيون به ڄاڻي ٿو ﴿٧﴾

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ لَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ﴿٨﴾ وَهَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ

الله کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي، سندس سهڻا نالا آهن ﴿٨﴾ ۽ (اي رسولن جا سردار ﷺ!) ڇا تو ڏانهن موسيٰ

مُوْسٰى ﴿٩﴾ اِذْ رَاٰ نَارًا فَقَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْٓا اِنِّىْٓ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّىْٓ وقف لازم

(ڪليم الله عليه السلام) جي خبر آئي؟ ﴿٩﴾ جڏهن (اونداهين رات ۾ بربٽ ۾ پنهنجن گهر وارن کي وڻي وڃڻ وقت) هڪ باهه

اٰتِيۡكُمۡ مِّنۡهَا بِقَبَسٍ اَوۡ اَجِدُ عَلَى النَّارِ هُدًى ﴿١٠﴾ فَلَمَّاۤ اَتٰهَا نُوۡدِىَ

ڏنائين. پوءِ پنهنجن گهر وارن کي چيائين ته ترسو، بيشڪ مون هڪ باھ ڏٺي آهي، مَنَ اتان توهان لاءِ ڪو ٽانڊو آڻيان، يا

يٰمُوۡسٰى ﴿١١﴾ اِنِّىۡۤ اَنَا رَبُّكَ فَاخۡلَعۡ نَعۡلَيۡكَ‌ۚ اِنَّكَ بِالۡوَادِ الۡمُقَدَّسِ

باھ وٽان ڪنهن ڏس ڏيندڙ کي لهان ١٠ پوءِ جڏهن باھ وٽ آيو ته ڪيس آواز ڏنو ويو ته اي موسيٰ! ١١ بيشڪ آءٌ تنهنجو ربّ
آهيان، پوءِ پنهنجي جتي لاھ، بيشڪ تون پاڪ (۽ شريف) ماٿري طويٰ ۾ آهين ١٢ ۽ مون تو کي (تنهنجي زماني ۾ رسالت لاءِ)

طُوًى ﴿١٢﴾ وَاَنَا اخۡتَرۡتُكَ فَاسۡتَمِعۡ لِمَا يُوۡحٰى ﴿١٣﴾ اِنَّنِىۡۤ اَنَا اللّٰهُ لَاۤ

چونڊيو آهي، پوءِ جيڪو وحي موڪليو وڃي ٿو، تنهن کي ٻڌ ١٣ بيشڪ آءٌ ئي الله آهيان، مون کان سواءِ ڪو الله نه

اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنَا فَاعۡبُدۡنِىۡ ۙ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ لِذِكۡرِىۡ ﴿١٤﴾ اِنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ

آهي، پوءِ منهنجي عبادت ڪر ۽ منهنجي ياد لاءِ نماز قائم ڪر (ته آءٌ به تو کي ياد ڪريان.) ١٤ بيشڪ قيامت اچڻ واري

اَكَادُ اُخۡفِيۡهَا لِتُجۡزٰى كُلُّ نَفۡسٍۢ بِمَا تَسۡعٰى ﴿١٥﴾ فَلَا يَصُدَّنَّكَ

آهي (يعني بلڪل ويجهي آهي)، ان کي پاڻ ڳجهو رکيو اٿم (ته جيئن ماڻهو ان کان ڊڄن)، جيئن هر شخص کي سندس
ڪيل ڪمن جو بدلو ڏجي ١٥ پوءِ هرگز تو کي قيامت تي ايمان آڻڻ کان اهو شخص نه روڪي، جيڪو ان تي ايمان نٿو رکي

عَنۡهَا مَنۡ لَّا يُؤۡمِنُ بِهَا وَاتَّبَعَ هَوٰٮهُ فَتَرۡدٰى ﴿١٦﴾ وَمَا تِلۡكَ

۽ پنهنجين خواهشن جي پيروي ڪري ٿو نه ته تون هلاڪ ٿي ويندين ١٦ ۽ اها تنهنجي ساڄي هٿ ۾ ڇا آهي

بِيَمِيۡنِكَ يٰمُوۡسٰى ﴿١٧﴾ قَالَ هِىَ عَصَاىَ‌ۚ اَتَوَكَّؤُا عَلَيۡهَا وَاَهُشُّ بِهَا عَلٰى

اي موسيٰ! ؟ ١٧ (موسيٰ عليه السلام) چيو ته هيءَ منهنجي لٺ آهي، جنهن تي ٽيڪ ڏيندو آهيان ۽ ان سان ٻڪرين لاءِ پَنَ

غَنَمِىۡ وَلِىَ فِيۡهَا مَاٰرِبُ اُخۡرٰى ﴿١٨﴾ قَالَ اَلۡقِهَا يٰمُوۡسٰى ﴿١٩﴾ فَاَلۡقٰٮهَا فَاِذَا

ڇاڻيندو آهيان ۽ منجهس منهنجي لاءِ ٻيا به فائدا آهن ١٨ (الله) فرمايو ته لٺ کي اڇلاءِ اي موسيٰ! ١٩ پوءِ اها اڇلايائين ته

هِىَ حَيَّةٌ تَسۡعٰى ﴿٢٠﴾ قَالَ خُذۡهَا وَلَا تَخَفۡ وقفة سَنُعِيۡدُهَا سِيۡرَتَهَا

اتي جو اتي ڊوڙندڙ نانگ ٿي پئي ٢٠ (الله) فرمايو ته ان کي کڻ ۽ ڊڄ نه! اجهو ٿا ان کي پهرئين حالت (يعني لٺ جي

الْاُوْلٰى ﴿٢١﴾ وَاضْمُمْ يَدَكَ اِلٰى جَنَاحِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ

حالت) ۾ موٽايون ﴿٢١﴾ ۽ پنهنجو هٿ پنهنجي بغل ۾ وجهي، ٻاهر ڪڍ ته (بيماري ۽ برص کان بي عيب ۽) روشن ٿي نڪرندو

اٰيَةً اُخْرٰى ﴿٢٢﴾ لِنُرِيَكَ مِنْ اٰيٰتِنَا الْكُبْرٰى ﴿٢٣﴾ اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ

(اهو اسان جو) ٻيو معجزو آهي ﴿٢٢﴾ جيئن تو کي پنهنجيون ڪجهه وڏيون نشانيون ڏيکاريون ﴿٢٣﴾ فرعون ڏانهن وڃ،

اِنَّهٗ طَغٰى ﴿٢٤﴾ قَالَ رَبِّ اشْرَحْ لِىْ صَدْرِىْ ﴿٢٥﴾ وَيَسِّرْ لِىْٓ اَمْرِىْ ﴿٢٦﴾

ع ٢٤ / ١٠

بيشڪ اهو حد کان لنگهي چڪو آهي ﴿٢٤﴾ موسيٰ (عليه السلام) چيو ته ربّ منهنجا! منهنجي سيني کي ڪشادو ڪر ﴿٢٥﴾

وَاحْلُلْ عُقْدَةً مِّنْ لِّسَانِىْ ﴿٢٧﴾ يَفْقَهُوْا قَوْلِىْ ﴿٢٨﴾ وَاجْعَلْ لِّىْ وَزِيْرًا مِّنْ

۽ منهنجي لاءِ (پيغمبريءَ جي) ڪم کي آسان ڪر ﴿٢٦﴾ ۽ منهنجي زبان جي هٻڪ کي لاهه ﴿٢٧﴾ ته اهي منهنجي ڳالهه کي

اَهْلِىْ ﴿٢٩﴾ هٰرُوْنَ اَخِى ﴿٣٠﴾ اشْدُدْ بِهٖٓ اَزْرِىْ ﴿٣١﴾ وَاَشْرِكْهُ فِىْٓ

سمجهي سگهن ﴿٢٨﴾ ۽ منهنجي گهر وارن مان منهنجي لاءِ هڪڙو وزير (يعني مددگار ۽ ساٿي) بڻاءِ ﴿٢٩﴾ (يعني) منهنجي ڀاءُ
هارون کي ﴿٣٠﴾ سندس ذريعي منهنجي پٺي مضبوط ڪر (يعني مدد ڏي.) ﴿٣١﴾ ۽ (هن رسالت جي) منهنجي ڪم ۾ ڪيس شريڪ

اَمْرِىْ ﴿٣٢﴾ كَىْ نُسَبِّحَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٣﴾ وَّنَذْكُرَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٤﴾ اِنَّكَ كُنْتَ

ڪر ﴿٣٢﴾ جيئن اسان تنهنجي گهڻي تسبيح بيان ڪريون ﴿٣٣﴾ ۽ اسان تو کي گهڻو ياد ڪريون ﴿٣٤﴾ بيشڪ تون اسان (جي حال) کي

بِنَا بَصِيْرًا ﴿٣٥﴾ قَالَ قَدْ اُوْتِيْتَ سُؤْلَكَ يٰمُوْسٰى ﴿٣٦﴾ وَلَقَدْ مَنَنَّا

ڏسندڙ آهين ﴿٣٥﴾ (الله) فرمايو ته اي موسيٰ! بيشڪ جيڪي ڪجهه تو گهريو، سو تو کي ڏنو ويو ﴿٣٦﴾ ۽ بيشڪ اسان تو تي ٻيو ڀيرو

عَلَيْكَ مَرَّةً اُخْرٰٓى ﴿٣٧﴾ اِذْ اَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اُمِّكَ مَا يُوْحٰٓى ﴿٣٨﴾ اَنِ اقْذِفِيْهِ فِى

احسان ڪيو ﴿٣٧﴾ جڏهن تنهنجي ماءُ ڏانهن وحي ڪيوسون، جيڪي وحي ڪرڻو هو ﴿٣٨﴾ ته ڪيس تابوت ۾ وجهه، پوءِ ان کي (مصر

التَّابُوْتِ فَاقْذِفِيْهِ فِى الْيَمِّ فَلْيُلْقِهِ الْيَمُّ بِالسَّاحِلِ يَاْخُذْهُ

جي) درياءَ (نيل) ۾ وجهي ڇڏ! پوءِ پاڻي ڪيس ڪناري تي آڻيندو. پوءِ ڪيس منهنجو دشمن ۽ تنهنجو دشمن ڪڻندو ۽ مون تو تي

عَدُوٌّ لِّيۡ وَعَدُوٌّ لَّهٗ ؕ وَاَلۡقَيۡتُ عَلَيۡكَ مَحَبَّةً مِّنِّيۡ ۚ۬ وَلِتُصۡنَعَ عَلٰى

پنهنجي طرفان محبت وڌي (تانجو مؤمن ۽ ڪافر جنهن به توکي ڏٺو، توکي پسند ڪرڻ لڳا.) ۽ جيئن منهنجين اکين جي اڳيان

عَيۡنِيۡ ﴿٣٩﴾ اِذۡ تَمۡشِيۡۤ اُخۡتُكَ فَتَقُوۡلُ هَلۡ اَدُلُّكُمۡ عَلٰى مَنۡ يَّكۡفُلُهٗ ؕ

پالنا وٺين ﴿٣٩﴾ جڏهن تنهنجي ڀيڻ (تنهنجي سار سنڀال لهڻ لاءِ ساڻ) هلي رهي هئي. پوءِ (جڏهن تو فرعوني عورتن جو کير نه

فَرَجَعۡنٰكَ اِلٰۤى اُمِّكَ كَيۡ تَقَرَّ عَيۡنُهَا وَلَا تَحۡزَنَ ؕ۬ وَقَتَلۡتَ نَفۡسًا

پيتو ته کين) چئي رهي هئي ته ڇا توهان کي هن جي سار سنڀال لهندڙ (گهراڻي) جي باري ۾ ڏسيان؟ پوءِ توکي تنهنجي ماءُ

وٽ موٽايوسون ته جيئن (توکي ڏسي) سندس اکيون ٺرن ۽ (تنهنجي غير موجودگيءَ سبب) غم نه ڪري ۽ تو هڪ شخص کي

فَنَجَّيۡنٰكَ مِنَ الۡغَمِّ وَفَتَنّٰكَ فُتُوۡنًا ۫ قف فَلَبِثۡتَ سِنِيۡنَ فِيۡۤ اَهۡلِ

(اسان جي حڪم کان سواءِ) قتل ڪيو، پوءِ توکي غم کان نجات ڏني سون (ته مٿان تو کان بدلو وٺن) ۽ (توکي ڏکن ڏولائن ۾

وجهي) چڱيءَ طرح آزمايوسون. (۽ توکي تڪليفن کان نجات ڏني سون.) پوءِ تون (ڏهه) سال مدين وارن وٽ (شعيب جي گهر

مَدۡيَنَ ۬ۙ ثُمَّ جِئۡتَ عَلٰى قَدَرٍ يّٰمُوۡسٰى ﴿٤٠﴾ وَاصۡطَنَعۡتُكَ لِنَفۡسِيۡ ﴿٤١﴾ ۚ

۾) رهين. پوءِ اي موسيٰ! (الله جي) ٺهرايل اندازي (چاليهن سالن جي عمر) کي پهتين ﴿٤٠﴾ ۽ مون توکي پنهنجي (رسالت) لاءِ

اِذۡهَبۡ اَنۡتَ وَاَخُوۡكَ بِاٰيٰتِيۡ وَلَا تَنِيَا فِيۡ ذِكۡرِيۡ ﴿٤٢﴾ ۚ اِذۡهَبَاۤ اِلٰى

چونڊيو ﴿٤١﴾ (ته) تون ۽ تنهنجو ڀاءُ، منهنجين نشانين (۽ معجزن) سان وڃو ۽ منهنجي (نعمتن کي) ياد ڪرڻ ۾ سستي نه ڪريو ﴿٤٢﴾

فِرۡعَوۡنَ اِنَّهٗ طَغٰى ﴿٤٣﴾ ۚۖ فَقُوۡلَا لَهٗ قَوۡلًا لَّيِّنًا لَّعَلَّهٗ يَتَذَكَّرُ اَوۡ

فرعون ڏانهن وڃو. بيشڪ اهو نافرمانيءَ ۾ حد کان وڌي چڪو آهي ﴿٤٣﴾ پوءِ ٻئي کيس نرم ڳالهه چئو، مَنَ نصيحت وٺي يا (مون

يَخۡشٰى ﴿٤٤﴾ قَالَا رَبَّنَاۤ اِنَّنَا نَخَافُ اَنۡ يَّفۡرُطَ عَلَيۡنَاۤ اَوۡ اَنۡ يَّطۡغٰى ﴿٤٥﴾

کان) ڊڄي ﴿٤٤﴾ چيائون ته ربّ اسين جا! بيشڪ اسان ڊڄون ٿا ته (قتل ۽ سزا ڏيڻ ۾) اسان تي تعدّي ڪندو يا (تڪبّر ۽ ايذائڻ ۾)

قَالَ لَا تَخَافَاۤ اِنَّنِيۡ مَعَكُمَاۤ اَسۡمَعُ وَاَرٰى ﴿٤٦﴾ فَاۡتِيٰهُ فَقُوۡلَاۤ اِنَّا رَسُوۡلَا

حد کان لنگهي ويندو ﴿٤٥﴾ (الله) فرمايو ته ڊڄو نه، بيشڪ آءٌ (توهان جي مدد لاءِ) توهان سان گڏ آهيان. (جو ڪجهه چون ٿا) ٻڌان ٿو ۽ (جو

ڪجهه ڪن ٿا) ڏسان ٿو ﴿٤٦﴾ ٻئي وٽس وڃو. کيس چئو ته بيشڪ اسين تنهنجي ربّ جا رسولَ آهيون. پوءِ بني اسرائيل کي اسان سان

وقف لازم

رَبِّكَ فَاَرْسِلْ مَعَنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ۬ وَلَا تُعَذِّبْهُمْ ؕ قَدْ جِئْنٰكَ

آزاد ڪر ۽ مٿن عذاب نہ ڪر (يعني انهن کان سخت بيگار جا ڪم نہ وٺ.) بيشڪ اسان تو وٽ تنهنجي ربّ جي طرفان (روشن)

بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ ؕ وَالسَّلٰمُ عَلٰى مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰى ﴿۴۷﴾ اِنَّا قَدْ اُوْحِيَ

معجزو آندو آهي ۽ سلامتي ان شخص تي آهي جيڪو (اسلام جي سڌي) رستي جي پيروي ڪري ﴿۴۷﴾ بيشڪ اسان

اِلَيْنَآ اَنَّ الْعَذَابَ عَلٰى مَنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿۴۸﴾ قَالَ فَمَنْ رَّبُّكُمَا

ڏانهن وحي موڪليو ويو آهي تہ عذاب ان شخص تي آهي، جيڪو ڪوڙو ڪندو ۽ (ايمان کان) منهن موڙيندو ﴿۴۸﴾

يٰمُوْسٰى ﴿۴۹﴾ قَالَ رَبُّنَا الَّذِيْٓ اَعْطٰى كُلَّ شَيْءٍ خَلْقَهٗ ثُمَّ هَدٰى ﴿۵۰﴾ قَالَ

(فرعون) چيو تہ پوءِ توهان ٻنهي جو ربّ ڪير آهي اي موسيٰ! ﴿۴۹﴾ (موسيٰ عليه السلام) چيو تہ اسان جو ربّ اهو ئي آهي، جنهن هر
شخص کي سندس خلقت عطا ڪئي، پوءِ کيس واٽ ڏيکاريائين (يعني زندگيءَ جون ضرورتون، کاڌو پاڻي وغيره ڏنائين.) ﴿۵۰﴾

فَمَا بَالُ الْقُرُوْنِ الْاُوْلٰى ﴿۵۱﴾ قَالَ عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ فِيْ كِتٰبٍ ۚ لَا

(فرعون) چيو تہ ڀلا اڳين زمانن وارن (ڪافرن، جن پيغمبرن جو انڪار ڪيو،) جو ڪهڙو حال آهي؟ ﴿۵۱﴾ (موسيٰ عليه السلام) چيو تہ ان
جو علم منهنجي ربّ وٽ ڪتاب (يعني لوح محفوظ) ۾ آهي، (تہ جيئن کين سندن ڪمن جو بدلو ڏي)، منهنجو ربّ نہ خطا ڪري ٿو ۽

يَضِلُّ رَبِّيْ وَلَا يَنْسَى ﴿۵۲﴾ ۫ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ مَهْدًا وَّسَلَكَ

نہ ڪا ڳالهہ وساري ٿو ﴿۵۲﴾ (اهو رب تعاليٰ) جنهن ڪيو زمين کي توهان لاءِ رهڻ جي جاءِ ۽ انهيءَ ۾ توهان لاءِ رستا

لَكُمْ فِيْهَا سُبُلًا وَّاَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ؕ فَاَخْرَجْنَا بِهٖٓ اَزْوَاجًا

ناهيائين ۽ آسمان مان پاڻي لاٿائين. پوءِ اسان ان جي ذريعي قسمين قسمين جا اناج ۽ ميوا اپايا ﴿۵۳﴾ (۽ چيوسون تہ

مِّنْ نَّبَاتٍ شَتّٰى ﴿۵۳﴾ كُلُوْا وَارْعَوْا اَنْعَامَكُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ

انهيءَ مان) پاڻ بہ کائو ۽ پنهنجن جانورن کي پڻ چاريو. بيشڪ انهيءَ (قدرتي نظام) ۾ عقلمندن لاءِ يقيناً ڪيترين ئي

لِّاُولِي النُّهٰى ﴿۵۴﴾ ع مِنْهَا خَلَقْنٰكُمْ وَفِيْهَا نُعِيْدُكُمْ وَمِنْهَا

نشانيون آهن ﴿۵۴﴾ انهيءَ (زمين) مان توهان کي پيدا ڪيوسون ۽ منجهس ئي توهان کي موٽائينداسون ۽ هڪ ڀيرو وري

نُخْرِجُكُمْ تَارَةً اُخْرٰى ﴿٥٥﴾ وَلَقَدْ اَرَيْنٰهُ اٰيٰتِنَا كُلَّهَا فَكَذَّبَ

ان مان توهان کي ڪڍنداسون ﴿٥٥﴾ ۽ بيشڪ اسان فرعون کي پنهنجيون سڀ نشانيون ڏيکاريون، پوءِ ڪوڙو ڪيائين ۽ انڪار

وَاَبٰى ﴿٥٦﴾ قَالَ اَجِئْتَنَا لِتُخْرِجَنَا مِنْ اَرْضِنَا بِسِحْرِكَ يٰمُوْسٰى ﴿٥٧﴾

ڪيائين ﴿٥٦﴾ (فرعون) چيو تہ ڇا اسان وٽ آيو آهين تہ جيئن پنهنجي جادوءَ جي ذريعي اسان کي مصر مان ڪڍين اي موسىٰ! ﴿٥٧﴾

فَلَنَاْتِيَنَّكَ بِسِحْرٍ مِّثْلِهٖ فَاجْعَلْ بَيْنَنَا وَبَيْنَكَ مَوْعِدًا لَّا

پوءِ تنهنجي مقابلي ۾ ضرور تنهنجي جادوءَ وانگر جادو آڻينداسون. پوءِ اسان جي ۽ پنهنجي وچ ۾ هڪ ڏينهن مقرر ڪر،

نُخْلِفُهٗ نَحْنُ وَلَآ اَنْتَ مَكَانًا سُوًى ﴿٥٨﴾ قَالَ مَوْعِدُكُمْ يَوْمُ

جنهن جي نہ اسان خلاف ڪريون ۽ نہ تون (خلاف ڪرين) مقابلو برابر ميدان ۾ ٿيندو ﴿٥٨﴾ (موسىٰ عليه السلام)
چيو تہ توهان جي زينت (يعني عيد) جو ڏينهن وعدي (يعني مقابلي) جو ڏينهن آهي ۽ هيءُ تہ ماڻهن کي

الزِّيْنَةِ وَاَنْ يُّحْشَرَ النَّاسُ ضُحًى ﴿٥٩﴾ فَتَوَلّٰى فِرْعَوْنُ فَجَمَعَ

نيرن جي وقت گڏ ڪيو وڃي ﴿٥٩﴾ پوءِ فرعون (حقّ کان) پٺي ڦيرائي ۽ تدبير ڪندڙن کي گڏ ڪري، (وعدي جي جاءِ ۽

كَيْدَهٗ ثُمَّ اَتٰى ﴿٦٠﴾ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰى وَيْلَكُمْ لَا تَفْتَرُوْا عَلَى اللّٰهِ

وعدي جي ڏينهن تي) آيو ﴿٦٠﴾ (موسىٰ) کين چيو تہ توهان لاءِ خرابي آهي، الله تي (شرڪ ۽ جادوءَ جو) ڪوڙو بهتان نہ

كَذِبًا فَيُسْحِتَكُمْ بِعَذَابٍ ۚ وَقَدْ خَابَ مَنِ افْتَرٰى ﴿٦١﴾

هڻو نہ تہ عذاب ڏئي توهان کي هلاڪ ڪري ڇڏيندو ۽ بيشڪ جيڪو الله تي بهتان هڻندو، اهو ئي ناڪام ۽ نامراد ٿيندو ﴿٦١﴾

فَتَنَازَعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ وَاَسَرُّوا النَّجْوٰى ﴿٦٢﴾ قَالُوْٓا اِنْ

پوءِ پنهنجي ڪم ۾ جهڳڙو ڪيائون ۽ پنهنجي راز کي ڳجهو رکيائون، (ڇيائون تہ موسىٰ جو ڪلام جادوگرن جو ڪلام نہ آهي) ﴿٦٢﴾

هٰذٰنِ لَسٰحِرٰنِ يُرِيْدٰنِ اَنْ يُّخْرِجٰكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ

(فرعونين) چيو تہ اهي ٻئي (موسىٰ عليه السلام ۽ هارون عليه السلام) رڳو جادوگر آهن، گهرن ٿا تہ جادوءَ جي زور تي توهان کي

بِسِحْرِهِمَا وَ يَذْهَبَا بِطَرِيْقَتِكُمُ الْمُثْلٰى ﴿٦٣﴾ فَاَجْمِعُوْا

توهان جي ملڪ مان لوڏي ڪڍن ۽ توهان جي مثالي طريقي (۽ توهان جي دين) کي ختم ڪري ڇڏين ﴿٦٣﴾ پوءِ پنهنجي

كَيْدَكُمْ ثُمَّ ائْتُوْا صَفًّا ۚ وَقَدْ اَفْلَحَ الْيَوْمَ مَنِ اسْتَعْلٰى ﴿٦٤﴾

تدبير (۽ جادوءَ) کي مضبوط ڪريو، صفون ٻڌي اچو ۽ بيشڪ اڄ ڪامياب اهو شخص ٿيندو، جيڪو غالب ايندو ﴿٦٤﴾

قَالُوْا يٰمُوْسٰۤى اِمَّاۤ اَنْ تُلْقِيَ وَ اِمَّاۤ اَنْ نَّكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَلْقٰى ﴿٦٥﴾

چيائون ته اي موسيٰ! (هڪڙي ڳالهه ڪر) يا تون پنهنجي لٺ اڇلاءِ يا وري اسان ئي پهريائين اڇلايون ﴿٦٥﴾

قَالَ بَلْ اَلْقُوْا ۚ فَاِذَا حِبَالُهُمْ وَ عِصِيُّهُمْ يُخَيَّلُ اِلَيْهِ

(موسيٰ عليه السلام) چيو ته بلڪ (پهريائين) توهين اڇلايو. پوءِ انهن پنهنجيون رسيون ۽ پنهنجيون لٺيون اڇلايون ته موسيٰ

مِنْ سِحْرِهِمْ اَنَّهَا تَسْعٰى ﴿٦٦﴾ فَاَوْجَسَ فِيْ نَفْسِهٖ خِيْفَةً

عليه السلام جي خيال ۾ سندن جادوءَ سبب محسوس ٿيو ته ڊوڙي رهيون آهن ﴿٦٦﴾ پوءِ موسيٰ عليه السلام پنهنجي دل ۾ ڪجهه خوف

مُّوْسٰى ﴿٦٧﴾ قُلْنَا لَا تَخَفْ اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعْلٰى ﴿٦٨﴾ وَ اَلْقِ مَا فِيْ

محسوس ڪيو ﴿٦٧﴾ (ڪيس) چيوسون ته نه ڊڄ! بيشڪ تون ئي غالب آهين ﴿٦٨﴾ ۽ تنهنجي هٿ ۾ (جيڪا لٺ) آهي، ان کي

يَمِيْنِكَ تَلْقَفْ مَا صَنَعُوْا ؕ اِنَّمَا صَنَعُوْا كَيْدُ سٰحِرٍ ؕ وَلَا

اڇلاءِ، اها سندن ٺاهيل (ڪرتبن کي) ڳهي ويندي، دراصل اهي جادوگر جي ڳجهي تدبير ٺاهي آيا هئا ۽ جادوگر

يُفْلِحُ السّٰحِرُ حَيْثُ اَتٰى ﴿٦٩﴾ فَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سُجَّدًا قَالُوْۤا اٰمَنَّا

ڪامياب نه ٿيندو آهي، جتي به اچي ﴿٦٩﴾ پوءِ جادوگر سجدي ۾ ڪري پيا. چيائون ته هارون عليه السلام ۽ موسيٰ عليه السلام

بِرَبِّ هٰرُوْنَ وَ مُوْسٰى ﴿٧٠﴾ قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ؕ

جي ربّ تي ايمان آندوسون ﴿٧٠﴾ (فرعون) چيو ته توهان منهنجي اجازت کان سواءِ ان تي ايمان آندو؟ بيشڪ اهو توهان

اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِىْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَۚ فَلَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ

جو وڏو (۽ استاد) آهي، جنهن توهان کي جادو سيکاريو آهي. پوءِ ضرور توهان جا هٿ ۽ پير (ابنا سبنا) وڍيندس

وَاَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّلَاُوصَلِّبَنَّكُمْ فِىْ جُذُوْعِ النَّخْلِ ز وَ

۽ ضرور توهان کي کجيءَ جي ٿڙن جي مٿان ڦاهيءَ تي چاڙهيندس ۽ ضرور توهان کي معلوم ٿيندو ته اسان مان

لَتَعْلَمُنَّ اَيُّنَآ اَشَدُّ عَذَابًا وَّاَبْقٰى ﴿٧١﴾ قَالُوْا لَنْ نُّؤْثِرَكَ عَلٰى مَا

کنهن جو عذاب وڌيڪ سخت ۽ وڌيڪ باقي رهندڙ آهي ﴿٧١﴾ انهن چيو ته اسان پاڻ وٽ معجزن جي اچڻ (۽ جنت ۾ پنهنجا

جَآءَنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ وَالَّذِىْ فَطَرَنَا فَاقْضِ مَآ اَنْتَ قَاضٍ ط

گهر ڏسڻ) کان پوءِ الله جي مقابلي ۾ جنهن اسان کي پيدا فرمايو آهي، توکي هرگز ترجيح نه ڏينداسون. پوءِ توکي

اِنَّمَا تَقْضِىْ هٰذِهِ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٧٢﴾ ط اِنَّآ اٰمَنَّا بِرَبِّنَا لِيَغْفِرَ

جيڪي ڪرڻو آهي، سو ڪر. بيشڪ تون ته رڳو هن دنيا ۾ فيصلو ڪري سگهين ٿو ﴿٧٢﴾ بيشڪ اسان پنهنجي ربّ تي ايمان

لَنَا خَطٰيٰنَا وَمَآ اَكْرَهْتَنَا عَلَيْهِ مِنَ السِّحْرِ ط وَاللّٰهُ خَيْرٌ وَّ

آندو ته جيئن اسان جا گناهَ ۽ تنهنجي زور زبردستيءَ سان ڪرايل جادوءَ ڪي بخشي ۽ الله ئي (اسان لاءِ) بهتر ۽

اَبْقٰى ﴿٧٣﴾ اِنَّهٗ مَنْ يَّاْتِ رَبَّهٗ مُجْرِمًا فَاِنَّ لَهٗ جَهَنَّمَ ط لَا

باقي رهندڙ آهي ﴿٧٣﴾ بيشڪ جيڪو شخص پنهنجي ربّ وٽ ڏوهاري ٿي ايندو، ته پوءِ بيشڪ ان لاءِ جهنم آهي، جنهن

يَمُوْتُ فِيْهَا وَلَا يَحْيٰى ﴿٧٤﴾ وَمَنْ يَّاْتِهٖ مُؤْمِنًا قَدْ عَمِلَ الصّٰلِحٰتِ

۾ نه مرندو ۽ نه جيئرو رهندو ﴿٧٤﴾ ۽ جيڪو الله وٽ مؤمن ٿي ايندو، عمل به چڱا ڪيا هوندائين ته پوءِ انهن

فَاُولٰٓئِكَ لَهُمُ الدَّرَجٰتُ الْعُلٰى ﴿٧٥﴾ لا جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِىْ مِنْ

ماڻهن لاءِ بلند درجا آهن ﴿٧٥﴾ سدائين رهندڙ باغ آهن. جن (جي محلات ۽ وڻن) جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، منجهن

ع ٣/ ١٢

تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَ ذٰلِكَ جَزٰٓؤُا مَنْ تَزَكّٰى ﴿٧٦﴾ ع

سدائين رهندڙ آهن ۽ اهو ان شخص جو بدلو آهي جيڪو (شرڪ کان) پاڪ ٿيو (۽ سيني پيغمبرن تي ايمان آندائين.) ﴿٧٦﴾

وَلَقَدْ اَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى ۙ اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْ فَاضْرِبْ

۽ بيشڪ موسيٰ ڏانهن وحي ڪيوسون ته (مصر مان) راتورات منهنجن ٻانهن (بني اسرائيل) کي وٺي نڪر. پوءِ سندن لاءِ

لَهُمْ طَرِيْقًا فِي الْبَحْرِ يَبَسًا ۙ لَّا تَخٰفُ دَرَكًا وَّلَا تَخْشٰى ﴿٧٧﴾

سمنڊ ۾ (لٺ هڻ) ته سڪل رستو نهي پوندو، تو کي نه (فرعونين جي) پهچڻ جو خوف ٿيندو ۽ نه (ٻڏڻ کان) ڊڄندين ﴿٧٧﴾

فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ بِجُنُوْدِهٖ فَغَشِيَهُمْ مِّنَ الْيَمِّ مَا غَشِيَهُمْ ؕ ﴿٧٨﴾

پوءِ فرعون پنهنجو لشڪر وٺي سندن پويان لڳو. پوءِ (درياءَ جون موجون) انهن کي وڪوڙي ويون،جيئن انهن کي

وَاَضَلَّ فِرْعَوْنُ قَوْمَهٗ وَمَا هَدٰى ﴿٧٩﴾ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ قَدْ

وڪوڙڻ جڳجي ﴿٧٨﴾ ۽ فرعون پنهنجي قوم کي گمراهه ڪيو ۽ ڪين سڌي واٽ نه ڏيکاريائين ﴿٧٩﴾ اي بني اسرائيل! (شڪر

اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ عَدُوِّكُمْ وَوٰعَدْنٰكُمْ جَانِبَ الطُّوْرِ الْاَيْمَنَ وَ

ڪرڻ لاءِ منهنجين نعمتن کي ياد ڪريو.) تحقيق اسان توهان کي توهان جي دشمن کان نجات ڏني ۽ (موسيٰ عليه السلام

نَزَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ﴿٨٠﴾ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا

کي توريت ڏيڻ لاءِ) جبل طور جي ساڄي پاسي توهان سان وعدو ڪيوسون ۽ (تيه ماٿريءَ ۾) توهان لاءِ
(وٽن تي ماکيءَ وانگر) منَّ ۽ سلويٰ (يعني ٻُٽِيل پکي) لاٿاسون ﴿٨٠﴾ (۽ چيوسون ته) جيڪا پاڪ روزي اسان

رَزَقْنٰكُمْ وَلَا تَطْغَوْا فِيْهِ فَيَحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبِيْ ۚ وَمَنْ

توهان کي ڏني آهي، سا کائو ۽ ان ڏس ۾ حد کان نه نڪرو، نه ته توهان تي منهنجو ڏمر نازل ٿيندو ۽ جنهن تي

يَّحْلِلْ عَلَيْهِ غَضَبِيْ فَقَدْ هَوٰى ﴿٨١﴾ وَاِنِّيْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ تَابَ

منهنجو ڏمر لٿو، سو بيشڪ هلاڪ ٿيو (۽ دوزخ ۾ وڃي پيو.) ﴿٨١﴾ ۽ جنهن (شرڪ کان) توبه ڪئي ۽ ايمان آندائين

وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ثُمَّ اهْتَدٰى ﴿٨٢﴾ وَمَآ اَعْجَلَكَ عَنْ قَوْمِكَ

۽ چڱا ڪم ڪيائين، پوءِ هدايت تي قائم رهيو تہ بيشڪ آءٌ ان لاءِ بخشڻهار آهيان ﴿٨٢﴾ ۽ اي موسيٰ (عليه السلام)! ڪهڙي شيءِ

يٰمُوْسٰى ﴿٨٣﴾ قَالَ هُمْ اُولَآءِ عَلٰٓى اَثَرِىْ وَعَجِلْتُ اِلَيْكَ رَبِّ

توکي پنهنجي قوم کان (جبل طور تي) جلد آندو؟ ﴿٨٣﴾ (موسيٰ عليه السلام) چيو تہ اهي منهنجي پويان (اچي رهيا) آهن ۽

لِتَرْضٰى ﴿٨٤﴾ قَالَ فَاِنَّا قَدْ فَتَنَّا قَوْمَكَ مِنْۢ بَعْدِكَ وَاَضَلَّهُمُ

ربّ منهنجا! مون (تنهنجي حضور ۾ اچڻ لاءِ هن ڪري) جلدي ڪئي تہ جيئن تون (وڌ ۾ وڌ) راضي ٿئين ﴿٨٤﴾ (الله) فرمايو تہ پوءِ
بيشڪ (تنهنجي نڪرڻ کان پوءِ) اسان تنهنجي قوم کي آزمائش ۾ وڌو آهي ۽ سامريءَ (ڳابي جي پوڄا ڪرائي) کين گمراه

السَّامِرِيُّ ﴿٨٥﴾ فَرَجَعَ مُوْسٰٓى اِلٰى قَوْمِهٖ غَضْبَانَ اَسِفًا ۚ

ڪري ڇڏيو آهي ﴿٨٥﴾ پوءِ موسيٰ (عليه السلام) پنهنجي قوم ڏانهن ڪاوڙجي، سخت افسوس ڪندي موٽيو. چيائين تہ اي

قَالَ يٰقَوْمِ اَلَمْ يَعِدْكُمْ رَبُّكُمْ وَعْدًا حَسَنًا ۬ اَفَطَالَ

منهنجي قوم! ڇا توهان جي ربّ توهان سان سهڻو وعدو نہ ڪيو؟ يا (منهنجي جدائيءَ جو) زمانو توهان لاءِ ڊگهو ٿي

عَلَيْكُمُ الْعَهْدُ اَمْ اَرَدْتُّمْ اَنْ يَّحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبٌ مِّنْ

ويو، يا توهان گهريو تہ توهان تي توهان جي ربّ جي طرفان ڏمر نازل ٿئي، پوءِ توهان مون سان ڪيل وعدي جي

رَّبِّكُمْ فَاَخْلَفْتُمْ مَّوْعِدِىْ ﴿٨٦﴾ قَالُوْا مَآ اَخْلَفْنَا مَوْعِدَكَ بِمَلْكِنَا

ڀڃڪڙي ڪئي (۽ ڳابي جي پوڄا شروع ڪئي.) ﴿٨٦﴾ چيائون تہ اسان پنهنجي اختيار سان تنهنجي وعدي جي ڀڃڪڙي

وَلٰكِنَّا حُمِّلْنَآ اَوْزَارًا مِّنْ زِيْنَةِ الْقَوْمِ فَقَذَفْنٰهَا فَكَذٰلِكَ

ناهي ڪئي، پر اسان (کي سامريءَ گمراه ڪيو جو فرعوني) قوم جا زيور، جيڪي کڻي آيا هئاسون، پوءِ انهن کي (باهہ

اَلْقَى السَّامِرِيُّ ۙ ﴿٨٧﴾ فَاَخْرَجَ لَهُمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ فَقَالُوْا

۾) اڇلايوسون ۽ اهڙيءَ طرح سامريءَ (جبريل امين عليه السلام جي قدمن جي هيٺان ڪنيل مٽي بہ باهہ ۾) وڌي ﴿٨٧﴾ پوءِ (زيورن
مان) سندن لاءِ ڳابي جو هڪ بوتو تيار ڪيائين، جنهن ۾ آواز هو. پوءِ چيائون تہ هي آهي توهان جو معبود ۽ موسيٰ (عليه السلام) جو

هٰذَآ اِلٰهُكُمْ وَاِلٰهُ مُوْسٰى ۥ فَنَسِىَ ؕ﴿٨٨﴾ اَفَلَا يَرَوْنَ اَلَّا يَرْجِعُ

معبود، پر ڀلجي (موسيٰ عليه السلام ان کي طور جبل تي ڳولڻ) ويو آهي ﴿٨٨﴾ ڇا نہ ٿا ڏسن تہ (ڳابو) سندن ڪنهن ڳالھ جو

٤ ع ١٢ ١٣ اِلَيْهِمْ قَوْلًا ۙ۬ وَّلَا يَمْلِكُ لَهُمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا ﴿٨٩﴾ وَلَقَدْ قَالَ

جواب نٿو ڏئي سگهي ۽ نہ سندن ڪنهن نقصان ۽ ڪنهن نفعي جو اختيار رکي ٿو؟ ﴿٨٩﴾ ۽ بيشڪ (موسيٰ عليه السلام جي

لَهُمْ هٰرُوْنُ مِنْ قَبْلُ يٰقَوْمِ اِنَّمَا فُتِنْتُمْ بِهٖ ۚ وَاِنَّ رَبَّكُمُ

واپسيءَ کان) اڳ ڪين هارون (عليه السلام) چيو تہ اي منهنجي قوم! دراصل انهيءَ (ڳابي) جي ذريعي توهان کي آزمايو

الرَّحْمٰنُ فَاتَّبِعُوْنِيْ وَاَطِيْعُوْٓا اَمْرِيْ ﴿٩٠﴾ قَالُوْا لَنْ نَّبْرَحَ عَلَيْهِ

ويو آهي ۽ بيشڪ توهان جو ربّ رحمٰن آهي، (اهوئي روزي ڏيندڙ آهي، نڪي ڳابو)، پوءِ منهنجي پيروي ڪريو ۽
منهنجي حڪم (يعني توحيد) تي هلو ﴿٩٠﴾ انهن چيو تہ اسان برابر ان جي پوڄا تي قائم رهنداسون، تانجو موسيٰ

عٰكِفِيْنَ حَتّٰى يَرْجِعَ اِلَيْنَا مُوْسٰى ﴿٩١﴾ قَالَ يٰهٰرُوْنُ مَا مَنَعَكَ اِذْ

(عليه السلام) اسان ڏانهن موٽي اچي ﴿٩١﴾ (موسيٰ عليه السلام) چيو تہ اي هارون! جڏهن تو ڏٺو تہ اهي گمراه ٿي چڪا آهن، تہ

رَاَيْتَهُمْ ضَلُّوْٓا ۙ﴿٩٢﴾ اَلَّا تَتَّبِعَنِ ؕ اَفَعَصَيْتَ اَمْرِيْ ﴿٩٣﴾ قَالَ يَبْنَؤُمَّ لَا

توکي ڪهڙي شيءِ روڪيو؟ ﴿٩٢﴾ جو منهنجي پويان (نہ) آئين؟ (مون کي ٻڌاءِ تہ) ڇا تو منهنجي حڪم جي نافرماني ڪئي ﴿٩٣﴾
(پوءِ سندس ڏاڙهي ۽ مٿي جي وارن کي پڪڙي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو. هارون عليه السلام) چيو تہ منهنجي (مهربان) ماءُ جا

تَاْخُذْ بِلِحْيَتِيْ وَلَا بِرَاْسِيْ ۚ اِنِّيْ خَشِيْتُ اَنْ تَقُوْلَ فَرَّقْتَ بَيْنَ

پٽ! نہ منهنجي ڏاڙهي پڪڙ ۽ نہ منهنجي مٿي جا وار پڪڙ (۽ مون تي دشمنن کي نہ کلاءِ.) بيشڪ مون کي ڊپ

بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ وَلَمْ تَرْقُبْ قَوْلِيْ ﴿٩٤﴾ قَالَ فَمَا خَطْبُكَ يٰسَامِرِيُّ ﴿٩٥﴾

ورتو تہ متان چوين تہ تو بني اسرائيل (يعني يعقوب عليه السلام جي اولاد) ۾ ڏڦيڙ وجهي ڇڏيو ۽ تو (سهڻي جانشينيءَ جي
باري ۾) منهنجي ڳالھ جو انتظار نہ ڪيو ﴿٩٤﴾ (موسيٰ عليه السلام) چيو تہ پوءِ اي سامري! تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟ ﴿٩٥﴾

قَالَ بَصُرْتُ بِمَا لَمْ يَبْصُرُوْا بِهٖ فَقَبَضْتُ قَبْضَةً مِّنْ

(سامريءَ) چيو تہ مون کي اها شيءِ ڏسڻ ۾ آئي، جيڪا انهن نہ ڏٺي. پوءِ مون جبريل (عليه السلام) جي (گهوڙي جي پاڪ)

اَثَرِ الرَّسُوۡلِ فَنَبَذۡتُهَا وَكَذٰلِكَ سَوَّلَتۡ لِىۡ نَفۡسِىۡ ﴿٩٦﴾ قَالَ

پيرن جي جاءِ تان (مٽيءَ جي) مٺ کنئي (۽ مون کي ڄاڻ هئي ته جنهن ۾ اها وجهندس تنهن ۾ روح پيدا ٿيندو.) پوءِ اها (ڳاڻي
جي بوتي ۾) وڌم ۽ اهڙيءَ ريت منهنجي نفس منهنجي لاءِ (اهو ڪم) سينگاري ڇڏيو ﴿٩٦﴾ (موسيٰ عليه السلام) چيو ته پوءِ (اسان وٽان)

فَاذۡهَبۡ فَاِنَّ لَكَ فِى الۡحَيٰوةِ اَنۡ تَقُوۡلَ لَا مِسَاسَ ص وَاِنَّ

دفع ٿيءُ، بيشڪ زندگيءَ ۾ تو لاءِ (هيءَ سزا) آهي ته چوندين ته مون کي هٿ نه لايو (جيڪو به توکي هٿ لائيندو،

لَكَ مَوۡعِدًا لَّنۡ تُخۡلَفَهٗ ج وَانۡظُرۡ اِلٰٓى اِلٰهِكَ الَّذِىۡ ظَلۡتَ

هڪدم تپجي ويندو) ۽ بيشڪ تو لاءِ (اخروي عذاب جو) اڻ ٽر وعدو آهي ۽ پنهنجي معبود ڏانهن نهار، جنهن (جي

عَلَيۡهِ عَاكِفًا ط لَنُحَرِّقَنَّهٗ ثُمَّ لَنَنۡسِفَنَّهٗ فِى الۡيَمِّ نَسۡفًا ﴿٩٧﴾

عبادت) تي قائم هئين، ضرور کيس ساڙينداسون. پوءِ ضرور ان (جي رک) کي درياءَ ۾ وهائي ڇڏينداسون ﴿٩٧﴾

اِنَّمَآ اِلٰهُكُمُ اللّٰهُ الَّذِىۡ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ط وَسِعَ كُلَّ

دراصل توهان جو معبود اهو الله ئي آهي، جنهن کان سواءِ ڪو معبود نه آهي،جنهن جو علم هر شيءِ کان

شَىۡءٍ عِلۡمًا ﴿٩٨﴾ كَذٰلِكَ نَقُصُّ عَلَيۡكَ مِنۡ اَنۡۢبَآءِ مَا قَدۡ

ڪشادو آهي ﴿٩٨﴾ اهڙيءَ طرح (اي محمد ﷺ!) اسان توکي اڳين (قومن) جي خبرن مان اهو(مٿيون) قصو بيان

سَبَقَ ج وَقَدۡ اٰتَيۡنٰكَ مِنۡ لَّدُنَّا ذِكۡرًا ﴿٩٩﴾ صلے مَنۡ اَعۡرَضَ عَنۡهُ

ڪري ٻڌايون ٿا ۽ بيشڪ اسان توکي پنهنجي طرفان ذڪر (يعني قرآن) عطا ڪيو آهي ﴿٩٩﴾ جيڪو شخص

فَاِنَّهٗ يَحۡمِلُ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ وِزۡرًا ﴿١٠٠﴾ لا خٰلِدِيۡنَ فِيۡهِ ط وَسَآءَ لَهُمۡ

ان کان منهن موڙيندو، سو بيشڪ . قيامت جي ڏينهن (گناهن جو) بار کڻندو ﴿١٠٠﴾ اهي ان ۾ سدائين

يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ حِمۡلًا ﴿١٠١﴾ لا يَّوۡمَ يُنۡفَخُ فِى الصُّوۡرِ وَنَحۡشُرُ

رهڻ وارا آهن (ڇاڪاڻ ته هرگز انهن جي بخشش نه ٿيندي) ۽ قيامت جي ڏينهن سندن لاءِ اهو (ڪفر) ڏاڍو بڇڙو بار آهي ﴿١٠١﴾ (انهيءَ)
ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو ۽ ڏوهارين (۽ مشرڪن ۽ پيغمبرن کي ڪوڙو ڪندڙن) کي هن حالت ۾ گڏ ڪنداسون ، جو سندن اکيون

الْمُجْرِمِيْنَ يَوْمَئِذٍ زُرْقًا ﴿١٠٢﴾ صلے ج يَّتَخَافَتُوْنَ بَيْنَهُمْ اِنْ لَّبِثْتُمْ

نيريون هونديون (۽ سندن منهن ڪارا هوندا.) ﴿١٠٢﴾ هڪ ٻئي کي آهستي چوندا ته توهان رڳو ڏهه ڏينهن رهيا آهيو، (يعني ٻن

اِلَّا عَشْرًا ﴿١٠٣﴾ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَقُوْلُوْنَ اِذْ يَقُوْلُ اَمْثَلُهُمْ

صورن جو درمياني وقفو يعني عذاب ترڻ جيترو وقت.) ﴿١٠٣﴾ اسان کي وڌيڪ معلوم آهي، جو ڪجهه اهي چوندا. جڏهن (عذاب جي

ع ۱۵ طَرِيْقَةً اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا يَوْمًا ﴿١٠٤﴾ ع وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْجِبَالِ

سختيءَ سبب) سڀ کان مثالي زندگي گذاريندڙ (يا عقلمند شخص) چوندو ته رڳو هڪ ڏينهن رهيا آهيو ﴿١٠٤﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!)

فَقُلْ يَنْسِفُهَا رَبِّيْ نَسْفًا ﴿١٠٥﴾ لا فَيَذَرُهَا قَاعًا صَفْصَفًا ﴿١٠٦﴾ لا لَّا

توکان جبلن جي باري ۾ پڇن ٿا. فرماءِ ته منهنجو ربّ انهن کي (واريءَ جي) ذرڙن وانگر اڏائي ڇڏيندو ﴿١٠٥﴾ پوءِ (زمين

تَرٰى فِيْهَا عِوَجًا وَّلَآ اَمْتًا ﴿١٠٧﴾ ط يَوْمَئِذٍ يَّتَّبِعُوْنَ الدَّاعِيَ

کي) برابر ۽ برپٽ ميدان ڪري ڇڏيندو ﴿١٠٦﴾ منجهس نه ڪا هيٺاهين ڏسندين ۽ نه ڪا مٿاهين ڏسندين ﴿١٠٧﴾ ان ڏينهن (ماڻهو

لَا عِوَجَ لَهٗ ج وَخَشَعَتِ الْاَصْوَاتُ لِلرَّحْمٰنِ فَلَا تَسْمَعُ

محشر ۾) پڪاريندڙ جي پويان هلندا. سندس پيرويءَ کان منهن نه موڙيندا ۽ الله لاءِ (سندس هيبت سبب) آواز جهڪا ٿي

اِلَّا هَمْسًا ﴿١٠٨﴾ يَوْمَئِذٍ لَّا تَنْفَعُ الشَّفَاعَةُ اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ

ويندا. پوءِ (محشر ۾ اگهاڙي مخلوق جي) پيرن کان سواءِ ڪجهه نه ٻڌندين ﴿١٠٨﴾ ان ڏينهن شفاعت ڪنهن کي فائدو نه ڏيندي، مگر

الرَّحْمٰنُ وَرَضِيَ لَهٗ قَوْلًا ﴿١٠٩﴾ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا

جنهن لاءِ الله اها اجازت ڏيندو ۽ (دنيا ۾) سندس ڳالهه پسنديده (يعني ڪلمه توحيد ۽ رسولن سڳورن جي تصديق واري) هوندي ﴿١٠٩﴾
جيڪي ڪجهه سندن اڳيان (يعني آخرت ۾) آهي ۽ جيڪي ڪجهه سندن پويان (يعني دنيا ۾) آهي، (الله) ڄاڻي ٿو ۽ (ماڻهو)

خَلْفَهُمْ وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِهٖ عِلْمًا ﴿١١٠﴾ وَعَنَتِ الْوُجُوْهُ لِلْحَيِّ

ڪيس پنهنجي علم ۾ آڻي نٿا سگهن ﴿١١٠﴾ ۽ (سندن) منهن سدائين قائم دائم رهندڙ (الله) جي آڏو جُهڪيل هوندا ۽ بيشڪ

الْقَيُّوْمِ ؕ وَقَدْ خَابَ مَنْ حَمَلَ ظُلْمًا ﴿١١١﴾ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ

ناڪام ٿيو اهو شخص جنهن ظلم (۽ شرڪ) جو بار کنيو ﴿١١١﴾ ۽ جيڪو نيڪيون ڪندو ۽ اهو مؤمن به هوندو ته ڪيس نه ظلم جو ڊپ

الصّٰلِحٰتِ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا يَخٰفُ ظُلْمًا وَّلَا هَضْمًا ﴿١١٢﴾ وَ

ٿيندو (ته سندس برايون وڌايون وينديون) ۽ نه نقصان جو خوف هوندو، (ته سندس نيڪيون گهٽايون ويون آهن) ﴿١١٢﴾ ۽

كَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا وَّ صَرَّفْنَا فِيْهِ مِنَ

اهڙيءَ طرح (جيئن هن سورة ۾ بيان ٿيو) اسان هن (ڪتاب) کي عربي قرآن ڪري لاٿو آهي ۽ ان ۾ (گذريل قومن جي عذاب

الْوَعِيْدِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ اَوْ يُحْدِثُ لَهُمْ ذِكْرًا ﴿١١٣﴾ فَتَعٰلَى

جا واقعا ۽) تنبيهون بيان ڪيون آهن ته مَنَ (تنهنجي قوم گناهن کان) بچي يا (قرآن) سندن نصيحت جو (موجب) ٿئي ﴿١١٣﴾ پوءِ

اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ۚ وَلَا تَعْجَلْ بِالْقُرْاٰنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّقْضٰٓى

حقيقي بادشاه، الله گهڻو مٿانهون (۽ مشرڪن ۽ ملحدن جي ڳالهين کان پاڪ) آهي ۽ (ويسر جي ڊپ کان) وحي جي

اِلَيْكَ وَحْيُهٗ ۫ وَقُلْ رَّبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا ﴿١١٤﴾ وَلَقَدْ عَهِدْنَآ اِلٰٓى

پوري ٿيڻ کان اڳ، قرآن پڙهڻ ۾ جلدي نه ڪر ۽ چؤ ته ربّ منهنجا! مون کي علم ۾ وڌاءِ ﴿١١٤﴾ ۽ بيشڪ اسان اڳ ۾ آدم

اٰدَمَ مِنْ قَبْلُ فَنَسِيَ وَلَمْ نَجِدْ لَهٗ عَزْمًا ﴿١١٥﴾ ع وَاِذْ قُلْنَا ع٦/١١ ١٥

(عليه السلام) کان عهد ورتو (۽ ڪيس نصيحت ڪئي سون.) پوءِ ڀلجي ويو ۽ منجهس ارادي جي پختگي نه لڌي سون (يعني

انهيءَ چاڙهي واٽي پنهنجي عهد جي پڪڙي نه ڪئي) ﴿١١٥﴾ ۽ (ياد ڪر) جڏهن اسان فرشتن کي چيو ته آدم کي سجدو

لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى ﴿١١٦﴾

ڪريو ته ابليس کان سواءِ (سڀني ان کي) سجدو ڪيو، انهيءَ (اسان جو حڪم مڃڻ کان) انڪار ڪيو ﴿١١٦﴾

فَقُلْنَا يٰٓاٰدَمُ اِنَّ هٰذَا عَدُوٌّ لَّكَ وَلِزَوْجِكَ فَلَا يُخْرِجَنَّكُمَا

پوءِ چيوسون ته اي آدم! هيءُ تنهنجو ۽ تنهنجي زال جو ويري آهي، پوءِ (هوشيار ٿيءُ ۽) هرگز توهان ٻنهي کي جنت

مِنَ الْجَنَّةِ فَتَشْقٰى ﴿١١٧﴾ اِنَّ لَكَ اَلَّا تَجُوْعَ فِيْهَا وَ لَا

مان نہ ڪيرائي، نہ تہ تڪليف ۾ پئجي ويندين ﴿١١٧﴾ بيشڪ تو لاءِ (هيءُ آهي تہ) جنت ۾ توکي نہ بک لڳندي ۽ نہ

تَعْرٰى ﴿١١٨﴾ وَ اَنَّكَ لَا تَظْمَؤُا فِيْهَا وَلَا تَضْحٰى ﴿١١٩﴾ فَوَسْوَسَ

اگھاڙو ٿيندين ﴿١١٨﴾ ۽ هيءُ تہ منجهس توکي نہ اڃ لڳندي ۽ نہ توکي اس ستائيندي ﴿١١٩﴾ پوءِ شيطان سندس دل ۾

اِلَيْهِ الشَّيْطٰنُ قَالَ يٰٓاٰدَمُ هَلْ اَدُلُّكَ عَلٰى شَجَرَةِ

وسوسو وڌو. (ڪيس) چيائين تہ اي آدم! ڇا توکي سدائين رهڻ واري وڻ ۽ سدائين رهڻ واري بادشاهيءَ

الْخُلْدِ وَ مُلْكٍ لَّا يَبْلٰى ﴿١٢٠﴾ فَاَكَلَا مِنْهَا فَبَدَتْ لَهُمَا

جي باري ۾ ڏس ڏيان؟ ﴿١٢٠﴾ پوءِ بنهي انهيءَ (وڻ) جو ميوو کاڌو. پوءِ انهن بنهي جي اگھڙانهن جي سامهون

سَوْاٰتُهُمَا وَطَفِقَا يَخْصِفٰنِ عَلَيْهِمَا مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ ز وَ

ظاهر ٿي پئي ۽ پنهنجي اگھڙ کي جنت جي (وڻ يعني انجير جي) پنن سان ڍڪڻ لڳا ۽ آدم پنهنجي ربّ جي

عَصٰٓى اٰدَمُ رَبَّهٗ فَغَوٰى ﴿١٢١﴾ صلے ثُمَّ اجْتَبٰهُ رَبُّهٗ فَتَابَ عَلَيْهِ

نافرماني ڪئي، پوءِ سڌيءَ واٽ کان هٽي ويو ﴿١٢١﴾ (بنهي چيو تہ ربّ اسان جا! اسان پاڻ تي ظلم ڪيو)، پوءِ ان

وَهَدٰى ﴿١٢٢﴾ قَالَ اهْبِطَا مِنْهَا جَمِيْعًا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ج فَاِمَّا

کي سندس ربّ چونڊيو ۽ سندس توبه قبول فرمائي ۽ (ڪيس) هدايت ڏنائين ﴿١٢٢﴾ (الله) فرمايو تہ هن (جنت) مان سڀ هيٺ لهي وڃو.
توهين (يعني آدم، حوا، شيطان، نانگ سڀ) هڪ ٻئي جا دشمن آهيو. پوءِ (اي آدم ۽ اولاد آدم!) جيڪڏهن توهان وٽ منهنجي

يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّيْ هُدًى ۵ لا فَمَنِ اتَّبَعَ هُدَايَ فَلَا يَضِلُّ وَلَا يَشْقٰى ﴿١٢٣﴾

هدايت اچي تہ جنهن منهنجي هدايت جي پيروي ڪئي، اهو نہ (دنيا ۾) گمراه ٿيندو ۽ نہ (آخرت ۾) تڪليف ڏسندو ﴿١٢٣﴾

وَمَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِيْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا وَّ نَحْشُرُهٗ

۽ جنهن منهنجي ذڪر کان منهن موڙيو، پوءِ بيشڪ سندس (قبر ۽ دوزخ جي) زندگي تنگ ٿيندي ۽ ڪيس قيامت جي

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَعْمٰى ﴿١٢٤﴾ قَالَ رَبِّ لِمَ حَشَرْتَنِيْٓ اَعْمٰى وَقَدْ كُنْتُ

ڏينهن انڌو ڪري اٿاريندا سون ﴿١٢٤﴾ چوندو ته ربّ منهنجا! مون کي تو انڌو ڪري ڇو اٿاريو؟ ۽ آءٌ (دنيا ۾ ته) ڏسندڙ (يعني

بَصِيْرًا ﴿١٢٥﴾ قَالَ كَذٰلِكَ اَتَتْكَ اٰيٰتُنَا فَنَسِيْتَهَا ۚ وَكَذٰلِكَ الْيَوْمَ

سجو) هيس ﴿١٢٥﴾ (الله) فرمائيندو ته اهڙيءَ طرح تو وٽ اسان جون آيتون آيون، پوءِ تو انهن کي وساري ڇڏيو (يعني تو

تُنْسٰى ﴿١٢٦﴾ وَكَذٰلِكَ نَجْزِيْ مَنْ اَسْرَفَ وَلَمْ يُؤْمِنْۢ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ ۗ

انهن تي ايمان نه آندو) ۽ ساڳيءَ طرح اڄ تو کي به وساريو وڃي ٿو ﴿١٢٦﴾ ۽ اهڙيءَ طرح سزا ڏيندا آهيون، انهيءَ شخص کي جيڪو
حد کان لنگهندو آهي ۽ پنهنجي ربّ جي آيتن تي ايمان نه آڻيندو آهي ۽ يقينًا (دنيا جي عذاب کان) آخرت جو عذاب وڌيڪ

وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَشَدُّ وَاَبْقٰى ﴿١٢٧﴾ اَفَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ

سخت ۽ وڌيڪ باقي رهڻ وارو آهي ﴿١٢٧﴾ ڇا پوءِ انهن تي اها (حقيقت) روشن نٿي ٿئي ته انهن کان اڳ اسان ڪيترا زمانا

مِّنَ الْقُرُوْنِ يَمْشُوْنَ فِيْ مَسٰكِنِهِمْ ۗ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي

هلاڪ ڪري چڪا آهيون، جن جي جاين ۾ اهي گهمندا ڦرندا وتن ٿا. بيشڪ انهيءَ ۾ عقلمندن لاءِ يقينًا نشانيون

النُّهٰى ﴿١٢٨﴾ ع وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَكَانَ لِزَامًا ع ١٣/١٢

آهن ﴿١٢٨﴾ ۽ (اي پيغمبر ﷺ!) جيڪڏهن (عذاب ۾ دير ڪرڻ ۽ مهلت ڏيڻ جي باري ۾) تنهنجي ربّ جي ڳالهه اڳ ۾ گذري

وَّاَجَلٌ مُّسَمًّى ﴿١٢٩﴾ ط فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَسَبِّحْ

نه چڪي ها ۽ (قيامت جي) مدت مقرر ٿيل نه هجي ها ته لازمًا (مٿن عذاب) اچي ها ﴿١٢٩﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ!) تو کي

بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَقَبْلَ غُرُوْبِهَا ۚ وَمِنْ اٰنَآئِ

ايذاءُ ڏيڻ لاءِ ڪافر) جيڪي ڪجهه چون ٿا (۽ جيڪي ڪجهه ڪن ٿا)، تنهن تي صبر ڪر، (تانجو اسان جي طرفان جهاد جو حڪم
اچي) ۽ سج اڀرڻ ۽ سج لهڻ کان اڳ پنهنجي ربّ جي ساراهه سان سندس تسبيح ڪر ۽ رات جي وقتن ۽ ڏينهن جي طرفن ۾ به

الَّيْلِ فَسَبِّحْ وَاَطْرَافَ النَّهَارِ لَعَلَّكَ تَرْضٰى ﴿١٣٠﴾ وَلَا تَمُدَّنَّ

(سندس) تسبيح ڪر، متان تون راضي ٿئين ﴿١٣٠﴾ ۽ (اي پيغمبر ﷺ!) اسان (مشرڪن ۽ يهودين کي هن فاني) دنيا جي

عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖٓ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ زَهْرَةَ الْحَيٰوةِ

سينگار ۽ مال متاع مان لذت ۽ فائدي جون جيڪي شيون ڏنيون آهن، انهن ڏانهن پنهنجيون اکيون ڪڏهن به نه نهار،

الدُّنْيَا ۙ لِنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ؕ وَرِزْقُ رَبِّكَ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى ﴿١٣١﴾

جيئن انهن جي ذريعي ڪين آزمايون ۽ تنهنجي ربّ جي روزي وڌيڪ چڱي ۽ وڌيڪ باقي رهڻ واري آهي ﴿١٣١﴾

وَاْمُرْ اَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَاصْطَبِرْ عَلَيْهَا ؕ لَا نَسْـَٔلُكَ رِزْقًا ؕ

۽ پنهنجن گهر وارن (۽ پنهنجي قوم) کي نماز جو حڪم ڪر ۽ پاڻ به ان تي قائم رهه. تو کان (مخلوق يا پنهنجي لاءِ) روزي نٿا

نَحْنُ نَرْزُقُكَ ؕ وَالْعَاقِبَةُ لِلتَّقْوٰى ﴿١٣٢﴾ وَقَالُوْا لَوْلَا يَاْتِيْنَا بِاٰيَةٍ

گهرون. اسين ئي توکي روزي ڏيون ٿا ۽ پڇاڙي (يعني آخرت) پرهيزگارن لاءِ آهي ﴿١٣٢﴾ ۽ (مشرڪن) چيو ته (محمد ﷺ اگين

مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ اَوَلَمْ تَاْتِهِمْ بَيِّنَةُ مَا فِى الصُّحُفِ الْاُوْلٰى ﴿١٣٣﴾ وَلَوْ

پيغمبرن وانگر) اسان وٽ پنهنجي ربّ جي طرفان ڪا نشاني ڇو نٿو آڻي؟ ڇا وٽن اڳين ڪتابن جي روشن نشاني نه آئي؟ ﴿١٣٣﴾

اَنَّآ اَهْلَكْنٰهُمْ بِعَذَابٍ مِّنْ قَبْلِهٖ لَقَالُوْا رَبَّنَا لَوْلَآ اَرْسَلْتَ

۽ جيڪڏهن ڪين (قرآن جي لهڻ کان) اڳ ۾ عذاب ڏئي هلاڪ ڪريون ها ته يقيناً چون ها ته ربّ اسان جا! اسان ڏانهن تو

اِلَيْنَا رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ مِنْ قَبْلِ اَنْ نَّذِلَّ وَنَخْزٰى ﴿١٣٤﴾

ڪو رسول ڇو نه موڪليو، پوءِ (دوزخ ۾) ذليل ۽ خوار ٿيڻ کان اڳ تنهنجين آيتن جي پيروي ڪريون ها ﴿١٣٤﴾

قُلْ كُلٌّ مُّتَرَبِّصٌ فَتَرَبَّصُوْا ۚ فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ اَصْحٰبُ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته (اسان ۽ توهان مان) هر ڪ انتظار ڪندڙ آهي، پوءِ (اي ڪافرو!) توهان به انتظار ڪريو. سگهوئي

ع ٨ ١٤ الصِّرَاطِ السَّوِيِّ وَمَنِ اهْتَدٰى ﴿١٣٥﴾

توهان (سڪرات ۽ قيامت جي وقت) ڄاڻندا ته سڌي واٽ وارا ڪير آهن ۽ ڪنهن کي هدايت نصيب ٿي آهي؟ ﴿١٣٥﴾

الجزء السابع عشر (١٧)

اٰيَاتُهَا ١١٢ (٢١) سُوْرَةُ الْاَنْۢبِيَآءِ مَكِّيَّةٌ (٧٣) رُكُوْعَاتُهَا ٧

سورة الانبياءِ مڪي آهي، هن ۾ هڪ سو ٻارهن آيتون ۽ ست رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ رحم ڪندڙ آهي.

اِقْتَرَبَ لِلنَّاسِ حِسَابُهُمْ وَهُمْ فِيْ غَفْلَةٍ مُّعْرِضُوْنَ ① ج

ماڻهن (يعني مڪي وارن) لاءِ سندن حساب جو وقت ويجهو اچي چڪو ۽ اهي غفلت ۾ (۽ ايمان کان) منهن موڙيندڙ آهن ①

مَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنْ رَّبِّهِمْ مُّحْدَثٍ اِلَّا اسْتَمَعُوْهُ وَهُمْ

سندن ربّ جي طرفان وٽن جيڪا به نئين نصيحت اچي ٿي، ان کي ٻُڌي (ٺٺوليون ڪندي) کيڏ تماشو

يَلْعَبُوْنَ ② لا لَاهِيَةً قُلُوْبُهُمْ ط وَاَسَرُّوا النَّجْوَى صلے الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا صلے

ڪن ٿا ② سندن دليون غفلت ۾ آهن ۽ ظالم (يعني مشرڪ پاڻ ۾) ڳجهيون صلاحون ڪندي چون ٿا ته هيءُ (محمد ﷺ)

هَلْ هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ج اَفَتَاْتُوْنَ السِّحْرَ وَاَنْتُمْ تُبْصِرُوْنَ ③

رڳو توهان وانگر هڪ آدمي آهي چا پوءِ ڏسي وائسي جادوءَ (يعني قرآن جي پيروي) قبول ڪريو ٿا؟ ③

قٰلَ رَبِّيْ يَعْلَمُ الْقَوْلَ فِي السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ز وَهُوَ السَّمِيْعُ

(پيغمبر پاڪ ﷺ) چيو ته منهنجو ربّ آسمان ۽ زمين جون سڀ ڳالهيون ڄاڻي ٿو ۽ اهو ٻڌندڙ (۽ اهو ئي) ڄاڻندڙ

الْعَلِيْمُ ④ بَلْ قَالُوْٓا اَضْغَاثُ اَحْلَامٍۢ بَلِ افْتَرٰىهُ بَلْ هُوَ شَاعِرٌ صلے ج

آهي ④ بلڪ (ڪافر) چون ٿا ته (قرآن محمد ﷺ جا ڏنل) اجايا خواب آهن (۽ ڪڏهن چون ٿا ته) بلڪ ان کي پاڻ گهڙيو

فَلْيَاْتِنَا بِاٰيَةٍ كَمَآ اُرْسِلَ الْاَوَّلُوْنَ ⑤ مَآ اٰمَنَتْ قَبْلَهُمْ مِّنْ

اٿس (۽ ڪڏهن چون ٿا ته) بلڪ پاڻ هڪ شاعر آهي، پوءِ گهرجي ته اسان وٽ اڳين پيغمبرن وانگر ڪا نشاني (۽ معجزو)
آڻي ⑤ (الله فرمائي ٿو ته دراصل) انهن کان اڳ ڪنهن به ڳوٺ وارن، جن کي اسان هلاڪ ڪيو (پنهنجي پيغمبر تي)

قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا ج اَفَهُمْ يُؤْمِنُوْنَ ۝٦ وَمَآ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ اِلَّا

ايمان نہ آندو. ڇا پوءِ اهي (اسان جي نشاني ڏسي) ايمان آڻيندا؟ (۽ اسان جو طريقو هي آهي تہ جيڪا قوم پيغمبر کان
نشاني گهرندي آهي ۽ نشاني ڏسي ايمان نہ آڻيندي آهي تہ هلاڪ ڪئي ويندي آهي) ⑥ ۽ اسان تو کان اڳ جيڪي بہ

رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ فَسْـَٔلُوْٓا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ۝٧

رسول موڪليا آهن، سڀ مرد ماڻهو هئا، جن ڏانهن اسين وحي موڪليندا هئاسون. جيڪڏهن توهان نٿا ڄاڻو تہ پوءِ ڪتاب
وارن (يعني يهودين ۽ عيسائين) کان پڇي ڏسو (تہ ڇا ڪڏهن عورتن مان بہ ڪا عورت پيغمبر ٿي آئي آهي؟) ⑦

وَمَا جَعَلْنٰهُمْ جَسَدًا لَّا يَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَمَا كَانُوْا

۽ اسان انهن (پيغمبرن سڀني جا) اهڙا جسم ناهن ناهيا، جو اهي ڪاڌو نہ کائيندا هجن ۽ نہ وري اهي هميشہ رهڻ وارا

خٰلِدِيْنَ ۝٨ ثُمَّ صَدَقْنٰهُمُ الْوَعْدَ فَاَنْجَيْنٰهُمْ وَمَنْ نَّشَآءُ وَ

هوندا آهن ⑧ پوءِ اسان ساڻن (ڪيل) پنهنجو وعدو سچو ڪيو، پوءِ انهن کي ۽ جن کي گهريوسون (يعني سندن پيروي

اَهْلَكْنَا الْمُسْرِفِيْنَ ۝٩ لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ كِتٰبًا فِيْهِ ذِكْرُكُمْ ط

ڪندڙن کي) نجات ڏني سون ۽ حد کان لنگهندڙن (يعني سندن مخالفن) کي هلاڪ ڪيوسون ⑨ (اي قريش جي جماعت!) تحقيق
اسان توهان ڏانهن (توهان جي ٻوليءَ ۾) هڪ ڪتاب لاٿو آهي، جنهن ۾ توهان جو ذڪر (يعني توهان لاءِ شرف ۽ فضيلت)

اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۝١٠ ع وَكَمْ قَصَمْنَا مِنْ قَرْيَةٍ كَانَتْ ظَالِمَةً

آهي، ڇا پوءِ عقل کان ڪم نٿا وٺو؟ ⑩ ۽ اسان ڪيترن ڳوٺن (۽ ڪيترين قومن) کي هلاڪ ڪيو، جيڪي ظالم هئا ۽

وَّاَنْشَاْنَا بَعْدَهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ۝١١ فَلَمَّآ اَحَسُّوْا بَاْسَنَآ اِذَا

سندن (هلاڪت) کان بعد ۾ ٻيون قومون پيدا ڪيون ⑪ پوءِ جڏهن (پنهنجين اکين سان) اسان جو عذاب ڏٺائون تہ

هُمْ مِّنْهَا يَرْكُضُوْنَ ۝١٢ ط لَا تَرْكُضُوْا وَارْجِعُوْٓا اِلٰى مَآ اُتْرِفْتُمْ

وٺي ان کان ڀڄڻ لڳا ⑫ (فرشتن ٺٺوليون ڪندي، انهن کي چيو تہ هاڻي الله جل جلاله جي عذاب کان) نہ ڀڄو ۽ انهن

فِيْهِ وَمَسٰكِنِكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْـَٔلُوْنَ ۝١٣ قَالُوْا يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا

نعمتن ڏانهن (جن جي توهان ناشڪري ڪندا هئا) ۽ پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي وڃو، مَنَ توهان کان (توهان جي مالن
۽ اسبابن جي باري ۾) سوال ڪيو وڃي ⑬ انهن چيو تہ هاءِ اسان جي شامت! بيشڪ اسين پاڻ ئي ظلم ڪرڻ وارا

ظٰلِمِيْنَ ﴿١٤﴾ فَمَا زَالَتْ تِّلْكَ دَعْوٰىهُمْ حَتّٰى جَعَلْنٰهُمْ

هئاسون ﴿١٤﴾ پوءِ لڳاتار سندن اها ئي پڪار هئي (تہ اسان لاءِ ويل آهي!) تانجو انهن کي لٽيل پوک (۽ وسايل باھ جي

حَصِيْدًا خٰمِدِيْنَ ﴿١٥﴾ وَمَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا

رک جو) ڍير ڪري ڇڏيوسون ﴿١٥﴾ ۽ آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي ڪجھ ٻنهي جي وچ ۾ آهي، تنهن کي اسان راند روند لاءِ

لٰعِبِيْنَ ﴿١٦﴾ لَوْ اَرَدْنَآ اَنْ نَّتَّخِذَ لَهْوًا لَّاتَّخَذْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّآ ۖ

پيدا نہ ڪيو آهي ﴿١٦﴾ جيڪڏهن اسين (ڪافرن جي ٻچڙي گمان مطابق زال ۽ اولاد وٺون ها ۽) ڪيڏ، تماشو ڪرڻ گهرون ها تہ

اِنْ كُنَّا فٰعِلِيْنَ ﴿١٧﴾ بَلْ نَقْذِفُ بِالْحَقِّ عَلَى الْبَاطِلِ

پنهنجي طرفان ڪريون ها ، جيڪڏهن اسين ائين ڪرڻ وارا هجون ها. (الله ظالمن جي انهن ڳالهين کان پاڪ آهي.) ﴿١٧﴾
بلڪ اسان حقّ (يعني قرآن) کي باطل تي اڇلايون ٿا، پوءِ اهو ان جو مٿو چِٿي ڇڏي ٿو ، پوءِ اهو اتي جو اتي ختم ٿي

فَيَدْمَغُهٗ فَاِذَا هُوَ زَاهِقٌ ۭ وَلَكُمُ الْوَيْلُ مِمَّا تَصِفُوْنَ ﴿١٨﴾ وَلَهٗ

وڃي ٿو ۽ (اي ڪافرو! الله جي باري ۾) توهان جيڪي ڳالهيون گهڙيو ٿا، ان جي ڪري توهان لاءِ ويل آهي ﴿١٨﴾ ۽

مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَمَنْ عِنْدَهٗ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ

آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪا بہ (مخلوق) آهي، سڀ الله جي آهي. (يعني سڀ سندس ئي خلقت ۽ ملڪيّت آهن) ۽ (مقرب

عِبَادَتِهٖ وَلَا يَسْتَحْسِرُوْنَ ﴿١٩﴾ ۚ يُسَبِّحُوْنَ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ

فرشتا) جيڪي وٽس آهن، سندس عبادت کان نہ وڏائي ڪن ٿا ۽ نہ ٿڪجن ٿا ﴿١٩﴾ رات ۽ ڏينهن (سندس) تسبيح ڪن ٿا ۽

لَا يَفْتُرُوْنَ ﴿٢٠﴾ اَمِ اتَّخَذُوْٓا اٰلِهَةً مِّنَ الْاَرْضِ هُمْ يُنْشِرُوْنَ ﴿٢١﴾

سدائين ان ۾ مشغول رهن ٿا (۽ تنگ نٿا ٿين، بلڪ سندن روحاني ۽ جسماني قوت بدستور قائم رهي ٿي.) ﴿٢٠﴾ يا (ڪافرن
۽ مشرڪن پنهنجي لاءِ) زمين (جي مخلوق مان) ڪي معبود ٺهرايا آهن، جيڪي (مئن کي) نئين حياتي بخشين ٿا؟ ﴿٢١﴾

لَوْ كَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا ۚ فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ

جيڪڏهن آسمانن ۽ زمين ۾ الله کان سواءِ ٻيا معبود هجن ها تہ يقينًا (مختلف خدائن جي ويڙھہ ۾) ٻئي برباد ٿي وڃن ها

الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿٢٢﴾ لَا يُسْـَٔلُ عَمَّا يَفْعَلُ وَهُمْ

(۽ سندن مخلوق هلاڪ ٿي وڃي ها.) پوءِ عرش جو مالڪ الله سندن جڙتو ڳالهين کان پاڪ آهي ﴿٢٢﴾ (الله) جو ڪجهه ڪري ٿو، ان
جي باري ۾ ان کان پڇا نٿي ٿئي ۽ انهن کان (يعني مخلوق کان سندن ڪمن جي باري ۾) پڇا ڪئي ويندي ﴿٢٣﴾ يا انهن الله کان

يُسْـَٔلُوْنَ ﴿٢٣﴾ اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً ؕ قُلْ هَاتُوْا

سواءِ ڪي معبود ورتا آهن؟ (اي پيغمبر ﷺ!) فرماءِ ته (باطل معبودن جي حق ۾) پنهنجو دليل آڻيو. هيءُ (قرآن) نصيحت

بُرْهَانَكُمْ ۚ هٰذَا ذِكْرُ مَنْ مَّعِىَ وَذِكْرُ مَنْ قَبْلِىْ ؕ بَلْ

آهي، انهن لاءِ جيڪي مون سان گڏ آهن (يعني قيامت تائين ايندڙ مسلمانَ) ۽ نصيحت آهي، انهن لاءِ جيڪي مون کان اڳ

اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۙ الْحَقَّ فَهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٤﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا

هئا (يعني ڪتاب وارن ۽ ٻين ماڻهن لاءِ)، بلڪ انهن مان گهڻا حقّ کي نٿا ڄاڻن، پوءِ ٻه اهي منهن موڙيندڙ آهن ﴿٢٤﴾ ۽ اسان تو

مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا نُوْحِىْٓ اِلَيْهِ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا

کان اڳ جيڪو به رسول موڪليو آهي، تنهن ڏانهن وحي ڪندا هئاسون ته مون کان سواءِ ڪو معبود نه آهي، پوءِ (خالص)

فَاعْبُدُوْنِ ﴿٢٥﴾ وَقَالُوا اتَّخَذَ الرَّحْمٰنُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ؕ بَلْ

منهنجي ئي بندگي ڪريو ﴿٢٥﴾ ۽ (مشرڪ) چون ٿا ته الله (فرشتن کي پنهنجو اولاد) بڻايو آهي. اهو پاڪ آهي، بلڪ

عِبَادٌ مُّكْرَمُوْنَ ۙ ﴿٢٦﴾ لَا يَسْبِقُوْنَهٗ بِالْقَوْلِ وَهُمْ بِاَمْرِهٖ

(فرشتا) سندس عزتدار ٻانها آهن ﴿٢٦﴾ ان کان ڳالهائڻ ۾ اڳرائي نٿا ڪن (يعني سندس اجازت کان سواءِ نٿا

يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٧﴾ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا يَشْفَعُوْنَ ۙ

ڳالهائين) ۽ سندس حڪم تي عمل ڪن ٿا ﴿٢٧﴾ جيڪي ڪجهه سندن اڳيان ۽ جيڪي ڪجهه سندن پويان آهي (۽ جيڪي ڪم
آئنده ڪندا، الله) سڀ کان واقف آهي ۽ ڪنهن جي شفاعت نٿا ڪن، مگر جنهن کان (خدا تعاليٰ) راضي ٿئي

اِلَّا لِمَنِ ارْتَضٰى وَهُمْ مِّنْ خَشْيَتِهٖ مُشْفِقُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَمَنْ يَّقُلْ

(۽ سندس لاءِ اجازت ڏي) ۽ اهي سندس خوف (۽ جلال) کان ڏڄندڙ آهن ﴿٢٨﴾ ۽ (فرض ڪريو ته چيڪڏهن) انهن مان ڪو

مِنۡهُمۡ اِنِّیۡۤ اِلٰهٌ مِّنۡ دُوۡنِهٖ فَذٰلِكَ نَجۡزِيۡهِ جَهَنَّمَ ؕ

چوي تہ بيشڪ الله جي بجاءِ آءٌ معبود آهيان تہ (ابليس وانگر) ڪيس دوزخ جي سزا ڏينداسون. اهڙيءَ طرح

كَذٰلِكَ نَجۡزِى الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۲۹﴾ ع اَوَلَمۡ يَرَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اَنَّ ٢ ع ١٥ ٢

ظالمن کي سزا ڏيندا آهيون ﴿۲۹﴾ ڇا جن ماڻهن ڪفر ڪيو، اهي نٿا ڏسن (يا نٿا ڄاڻن) تہ آسمانَ ۽ زمين پاڻ ۾ جڙيل هئا،

السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ كَانَتَا رَتۡقًا فَفَتَقۡنٰهُمَا ؕ وَجَعَلۡنَا مِنَ

پوءِ اسان انهن ٻنهي کي جدا ڪيو ۽ هر هڪ شيءِ (يعني حيوانَ ۽ فصلَ وغيره) کي پاڻيءَ مان پيدا ڪريون ٿا.

الۡمَآءِ كُلَّ شَىۡءٍ حَىٍّ ؕ اَفَلَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۳۰﴾ وَجَعَلۡنَا فِى الۡاَرۡضِ

ڇا پوءِ بہ (اهي خدا تعاليٰ جي خدائيءَ تي) ايمان نٿا آڻن؟ ﴿۳۰﴾ ۽ زمين ۾ (مضبوط) جبل کوڙياسون، تہ جيئن اها

رَوَاسِىَ اَنۡ تَمِيۡدَ بِهِمۡ ۖ وَجَعَلۡنَا فِيۡهَا فِجَاجًا سُبُلًا

انهن (انسانن) کي ڏوڏي (ختم نہ ڪري) ڇڏي ۽ منجهس ڪشادا رستا ناهياسون تہ جيئن (ضرورت مطابق)

لَّعَلَّهُمۡ يَهۡتَدُوۡنَ ﴿۳۱﴾ وَجَعَلۡنَا السَّمَآءَ سَقۡفًا مَّحۡفُوۡظًا ۖۚ

انهن تي هلن ﴿۳۱﴾ ۽ اسان آسمانن کي (ڪِرڻ کان يا شهاب ثاقب جي شعلن کان) محفوظ ڇت بنايو آهي، (پوءِ بہ)

وَّهُمۡ عَنۡ اٰيٰتِهَا مُعۡرِضُوۡنَ ﴿۳۲﴾ وَهُوَ الَّذِىۡ خَلَقَ الَّيۡلَ وَ

اهي اسان جي نشانين (تارن وغيره مان عبرت وٺڻ) کان منهن موڙڻ وارا آهن ﴿۳۲﴾ ۽ اهو (الله ئي) آهي، جنهن

النَّهَارَ وَالشَّمۡسَ وَالۡقَمَرَ ؕ كُلٌّ فِىۡ فَلَكٍ يَّسۡبَحُوۡنَ ﴿۳۳﴾ وَمَا

رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ کي پيدا ڪيو. (انهن مان) هر هڪ پنهنجي پنهنجي دائري ۾ تري رهيو آهي ﴿۳۳﴾ ۽

جَعَلۡنَا لِبَشَرٍ مِّنۡ قَبۡلِكَ الۡخُلۡدَ ؕ اَفَا۟ٮِٕنۡ مِّتَّ فَهُمُ

(اي محمّد ﷺ!) اسان تو کان اڳ ڪنهن کي (دنيا ۾) دائمي زندگي ناهي بخشي، ڇا پوءِ جيڪڏهن تون مري وئين تہ

الْخٰلِدُوْنَ ﴿٣٤﴾ كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ؕ وَنَبْلُوْكُمْ بِالشَّرِّ

(جيڪي توسان دشمني ڪن ٿا. اهي ڪافر) سدائين رهڻ وارا آهن؟ ﴿٣٤﴾ هر ساهواري کي موت جو مزو چکڻو آهي ۽ اسان

وَالْخَيْرِ فِتْنَةً ؕ وَاِلَيْنَا تُرْجَعُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَاِذَا رَاٰكَ الَّذِيْنَ

توهان کي سختي ۽ آسودگي (۽ شڪر ۽ صبر سان) آزمايون ٿا ۽ اسان ڏانهن ئي توهان کي موٽڻو آهي ﴿٣٥﴾ ۽

كَفَرُوْٓا اِنْ يَّتَّخِذُوْنَكَ اِلَّا هُزُوًا ؕ اَهٰذَا الَّذِيْ يَذْكُرُ

(اي محمد ﷺ!) جڏهن تو کي ڪافر ڏسن ٿا تہ رڳو ٺٺوليون ڪن ٿا تہ ڇا هيءُ ئي اهو شخص آهي، جيڪو توهان جي

اٰلِهَتَكُمْ ۚ وَهُمْ بِذِكْرِ الرَّحْمٰنِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٣٦﴾ خُلِقَ الْاِنْسَانُ

معبودن جو (برائيءَ سان) بيان ڪري ٿو ۽ اهي رحمٰن جي ذڪر جا ڪافر (۽ منڪر) بہ آهن، (۽ پنهنجي جهالت جي انتها سبب
نٿا ڄاڻن تہ سندن ٺٺولين جو وبال تو تي نہ، پر مٿن آهي.) ﴿٣٦﴾ انسان کي تڪڙ ۾ پيدا ڪيو ويو آهي. سگهوئي توهان کي

مِنْ عَجَلٍ ؕ سَاُورِيْكُمْ اٰيٰتِيْ فَلَا تَسْتَعْجِلُوْنِ ﴿٣٧﴾ وَيَقُوْلُوْنَ

پنهنجيون نشانيون (يعني عذاب) ڏيکاريندس، پوءِ مون کان (عذاب بابت) تڪڙ نہ ڪريو ﴿٣٧﴾ ۽ (ڪافر) چون ٿا تہ (اي

مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٣٨﴾ لَوْ يَعْلَمُ الَّذِيْنَ

مؤمنو!) جيڪڏهن توهان سچا آهيو (تہ ٻڌايو تہ قيامت جو) هيءُ وعدو ڪڏهن پورو ٿيندو؟ ﴿٣٨﴾ جيڪر ڪافر ان وقت کي

كَفَرُوْا حِيْنَ لَا يَكُفُّوْنَ عَنْ وُّجُوْهِهِمُ النَّارَ وَلَا عَنْ

ڄاڻن ها، جڏهن پنهنجن منهن ۽ پنهنجين پٺين کان باهہ کي روڪي نہ سگهندا ۽ نہ ئي کين مدد ڏني ويندي (جيڪڏهن

ظُهُوْرِهِمْ وَلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٣٩﴾ بَلْ تَاْتِيْهِمْ بَغْتَةً فَتَبْهَتُهُمْ

اها حقيقت ڄاڻن ها تہ عذاب لاءِ جلدي نہ ڪن ها.) ﴿٣٩﴾ بلڪ (قيامت) مٿن اوچتي ايندي، پوءِ سندن هوش ۽

فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ رَدَّهَا وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٤٠﴾ وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ

حواس گم ڪري ڇڏيندي، پوءِ نہ ان کي ٽاري سگهندا ۽ نہ کين مهلت ڏني ويندي ﴿٤٠﴾ ۽ بيشڪ تو کان اڳ پيغمبرن تي

بِرُسُلٍ مِّنۡ قَبۡلِكَ فَحَاقَ بِالَّذِيۡنَ سَخِرُوۡا مِنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ

ٺٺوليون ڪيون ويون، پوءِ (پيغمبرن جي صبر جي برڪت سبب) انهن کي ٺٺولين (جي عذاب) گهيري ورتو، جيڪي

يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿٤١﴾ ع قُلۡ مَنۡ يَّكۡلَؤُكُمۡ بِالَّيۡلِ وَالنَّهَارِ مِنَ الرَّحۡمٰنِ ط

اهي ڪندا هئا ﴿٤١﴾ (اي محمّد ﷺ!) فرماءِ ته رات ۽ ڏينهن ۾ ٻاجهاري (الله جي عذاب) کان توهان جي ڪير حفاظت ڪري ٿو؟

بَلۡ هُمۡ عَنۡ ذِكۡرِ رَبِّهِمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ ﴿٤٢﴾ اَمۡ لَهُمۡ اٰلِهَةٌ تَمۡنَعُهُمۡ

بلڪ اهي پنهنجي ربّ جي ذڪر (يعني ڪتاب الله) کان منهن موڙيندڙ آهن ﴿٤٢﴾ يا اسان کان سواءِ سندن ڪي معبود

مِّنۡ دُوۡنِنَا ط لَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ نَصۡرَ اَنۡفُسِهِمۡ وَلَا هُمۡ مِّنَّا

آهن، جيڪي کين (عذاب کان) بچائيندا؟ (سندن اهي باطل معبود ته) پنهنجي به مدد نٿا ڪري سگهن ۽ نه وري کين اسان جي

يُصۡحَبُوۡنَ ﴿٤٣﴾ بَلۡ مَتَّعۡنَا هٰٓؤُلَآءِ وَاٰبَآءَهُمۡ حَتّٰى طَالَ عَلَيۡهِمُ

طرفان مدد ڏني ويندي ﴿٤٣﴾ بلڪ اسان انهن کي ۽ سندن ابن ڏاڏن کي (دنيا ۾) فائدو پهچايو، تانجو سندن عمر ڊگهي ٿي

الۡعُمُرُ ط اَفَلَا يَرَوۡنَ اَنَّا نَاۡتِى الۡاَرۡضَ نَنۡقُصُهَا مِنۡ اَطۡرَافِهَا ط

ويئي. ڇا پوءِ نٿا ڏسن ته بيشڪ اسين زمين کي ان جي طرفن کان گهٽائيندا اچون ٿا (۽ محمد ﷺ ۽ سندس ساٿين کي فتح

اَفَهُمُ الۡغٰلِبُوۡنَ ﴿٤٤﴾ قُلۡ اِنَّمَآ اُنۡذِرُكُمۡ بِالۡوَحۡىِ صلے وَلَا يَسۡمَعُ

ڏيون ٿا. پوءِ انهن کان پڇ ته) ڇا (ڪافر) غالب آهن (يا مغلوب آهن؟) ﴿٤٤﴾ فرماءِ ته دراصل آءٌ توهان کي وحي (۽ قرآن) جي

الصُّمُّ الدُّعَآءَ اِذَا مَا يُنۡذَرُوۡنَ ﴿٤٥﴾ وَلَئِنۡ مَّسَّتۡهُمۡ نَفۡحَةٌ

ذريعي ڊيڄاريان ٿو ۽ گونگن کي جڏهن ڊيڄاريو ويندو آهي ته اهي سڏ ئي نه ٻڌندا آهن ﴿٤٥﴾ ۽ جيڪڏهن کين تنهنجي ربّ

مِّنۡ عَذَابِ رَبِّكَ لَيَقُوۡلُنَّ يٰوَيۡلَنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيۡنَ ﴿٤٦﴾ وَنَضَعُ

جي عذاب جو جهوٽو پهچي ته ضرور (گناهن جو اقرار ڪندا ۽) چوندا ته هاءِ اسان جي ڪم بختي! بيشڪ اسان ئي ظالم

الْمَوَازِيْنَ الْقِسْطَ لِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ فَلَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْـًٔا ؕ وَاِنْ

آهيون ﴿۴۶﴾ ۽ قيامت جي ڏينهن انصاف جون تارازيون رکنداسون، پوءِ (نيڪ ۽ بد مان) ڪنهن شخص تي ڪو به ظلم نه ڪيو

كَانَ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ اَتَيْنَا بِهَا ؕ وَكَفٰى بِنَا

ويندو ۽ جيڪڏهن (ڪنهن جو عمل) اَهر جي داڻي جي برابر به هوندو ته ان کي به آڻينداسون ۽ اسين حساب وٺندڙ ڪافي

حٰسِبِيْنَ ﴿۴۷﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ الْفُرْقَانَ وَضِيَآءً

آهيون ﴿۴۷﴾ ۽ بيشڪ موسيٰ (عليه السلام) ۽ هارون (عليه السلام) کي توريت ڏنوسون (جيڪو حقّ ۽ فرعون جي باطل نظام ۾) فرق

وَّذِكْرًا لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿۴۸﴾ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ وَ

ڪندڙ هو. (يا درياءَ کي چيرڻ وارو هو، يا جيڪو حلال ۽ حرام ۾ فرق ڪندڙ ۽ سڌي واٽ ڏيکاريندڙ ۽) روشني ۽
پرهيزگارن لاءِ نصيحت هو ﴿۴۸﴾ (اهي پرهيزگار) جيڪي اڻ ڏٺي پنهنجي ربّ کان ڊڄن ٿا ۽ اهي قيامت جو خوف

هُمْ مِّنَ السَّاعَةِ مُشْفِقُوْنَ ﴿۴۹﴾ وَهٰذَا ذِكْرٌ مُّبٰرَكٌ اَنْزَلْنٰهُ ؕ

رکڻ وارا (پڻ) آهن ﴿۴۹﴾ ۽ هيءُ (قرآن) هڪڙي بابرڪت نصيحت آهي، جنهن کي اسان ئي لاٿو آهي، ڇا پوءِ توهان

اَفَاَنْتُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿۵۰﴾ ع وَلَقَدْ اٰتَيْنَآ اِبْرٰهِيْمَ رُشْدَهٗ مِنْ

ان جا انڪاري آهيو؟ ﴿۵۰﴾ ۽ بيشڪ (موسيٰ عليه السلام کان) اڳ اسان ابراهيم (عليه السلام) کي هدايت، (توفيق ۽ نبوت) ڏني ۽ ان

قَبْلُ وَكُنَّا بِهٖ عٰلِمِيْنَ ﴿۵۱﴾ اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖ مَا هٰذِهِ

کي (يعني سندس اهليت کي) ڄاڻندڙ هئاسون ﴿۵۱﴾ جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجيءَ قوم کي چيائين ته هنن مورتين

التَّمَاثِيْلُ الَّتِيْٓ اَنْتُمْ لَهَا عٰكِفُوْنَ ﴿۵۲﴾ قَالُوْا وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا لَهَا

(جي حقيقت) ڪهڙي آهي، جن (جي عبادت) لاءِ توهان مجاور ٿي ويٺا آهيو؟ ﴿۵۲﴾ چيائون ته اسان پنهنجن ابن ڏاڏن

عٰبِدِيْنَ ﴿۵۳﴾ قَالَ لَقَدْ كُنْتُمْ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۵۴﴾

کي سندن پوڄا ڪندي لڌو آهي ﴿۵۳﴾ (ابراهيم عليه السلام) چيو ته بيشڪ توهان ۽ توهان جا ابا ڏاڏا پڌري گمراهيءَ ۾ آهيو ﴿۵۴﴾

قَالُوۡۤا اَجِئۡتَنَا بِالۡحَقِّ اَمۡ اَنۡتَ مِنَ اللّٰعِبِيۡنَ ﴿۵۵﴾ قَالَ بَلۡ رَّبُّكُمۡ

چيائون تہ چا اسان وٽ حقّ آندو اٿئي يا تون راند ڪندڙن مان آهين؟ ﴿۵۵﴾ (ابراهيم عليه السلام) چيو تہ بلڪ توهان

رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ الَّذِىۡ فَطَرَهُنَّ ۖ وَاَنَا عَلٰى ذٰلِكُمۡ

جو ربّ، آسمانن ۽ زمين جو ربّ آهي، جنهن انهن کي خلقيو آهي ۽ آءٌ توهان جي انهيءَ (حقيقت) تي

مِّنَ الشّٰهِدِيۡنَ ﴿۵۶﴾ وَتَاللّٰهِ لَاَكِيۡدَنَّ اَصۡنَامَكُمۡ بَعۡدَ اَنۡ

شاهدي ڏيندڙن مان آهيان ﴿۵۶﴾ ۽ الله جو قسم! جڏهن توهان پٺي ڦيرائي (پنهنجي عيدگاه) ويندا تہ ضرور توهان

تُوَلُّوۡا مُدۡبِرِيۡنَ ﴿۵۷﴾ فَجَعَلَهُمۡ جُذٰذًا اِلَّا كَبِيۡرًا لَّهُمۡ لَعَلَّهُمۡ

جي بتن جي خلاف تدبير ڪندس ﴿۵۷﴾ پوءِ (اهي بت پرست عيدگاه ويا تہ) سندن هڪ وڏي بت کان سواءِ (ٻين سڀني کي)

اِلَيۡهِ يَرۡجِعُوۡنَ ﴿۵۸﴾ قَالُوۡا مَنۡ فَعَلَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَاۤ اِنَّهٗ

ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيائين، مَنَ اهي (ڪافر پنهنجي) انهيءَ (وڏي بت) ڏانهن موٽن (۽ ان کان بتن کي ٽوڙيندڙ شخص جي باري

۾ معلومات حاصل ڪن.) ﴿۵۸﴾ چيائون تہ اسان جي بتن جو هيءُ حال ڪنهن ڪيو آهي؟ بيشڪ اهو تہ (ڪو وڏو) ظالمن مان

لَمِنَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۵۹﴾ قَالُوۡا سَمِعۡنَا فَتًى يَّذۡكُرُهُمۡ يُقَالُ لَهٗۤ

آهي ﴿۵۹﴾ چيائون تہ هڪ نوجوان کي انهن (بتن جا عيب ڪيندي ۽ سندن خلاف تدبير جي) ڳالهہ ڪندي ٻڌو سون، جنهن کي

اِبۡرٰهِيۡمُ ؕ﴿۶۰﴾ قَالُوۡا فَاۡتُوۡا بِهٖ عَلٰٓى اَعۡيُنِ النَّاسِ لَعَلَّهُمۡ يَشۡهَدُوۡنَ ﴿۶۱﴾

ابراهيم چيو وڃي ٿو ﴿۶۰﴾ چيائون تہ کيس ماڻهن جي سامهون آڻيو، مَنَ اهي شاهدي ڏين (تہ ان ئي اهو ڪم ڪيو آهي.) ﴿۶۱﴾

قَالُوۡۤا ءَاَنۡتَ فَعَلۡتَ هٰذَا بِاٰلِهَتِنَا يٰۤاِبۡرٰهِيۡمُ ؕ﴿۶۲﴾ قَالَ بَلۡ

(جڏهن اهو آيو تہ) انهن چيو تہ اي ابراهيم! ڇا اسان جي بتن جو هيءُ حال تو ڪيو آهي؟ ﴿۶۲﴾ (ابراهيم عليه السلام) چيو تہ

فَعَلَهٗ ۖ كَبِيۡرُهُمۡ هٰذَا فَسۡـَٔلُوۡهُمۡ اِنۡ كَانُوۡا يَنۡطِقُوۡنَ ﴿۶۳﴾ فَرَجَعُوۡۤا

بلڪ (ساڻن اهو سلوڪ) سندن هن وڏي (بت) ڪيو آهي، (جو منع ڪرڻ جي باوجود سندن پوڄا ڪريو ٿا.) پوءِ جيڪڏهن

إِلَىٰٓ أَنفُسِهِمْ فَقَالُوٓا۟ إِنَّكُمْ أَنتُمُ ٱلظَّـٰلِمُونَ ﴿٦٤﴾ ثُمَّ نُكِسُوا۟ عَلَىٰ

ڳالهائين ٿا تہ انهن کان پڇو ﴿٦٣﴾ پوءِ پنهنجي دل ۾ سوچي هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا تہ بيشڪ توهان پاڻ ئي ظالم آهيو (جو بتن
جي موجودگيءَ جي باوجود ابراهيم عليه السلام کان اها ڳالهہ پڇي رهيا آهيو.) ﴿٦٤﴾ پوءِ (پشيمانيءَ سان) پنهنجا ڪنڌ

رُءُوسِهِمْ لَقَدْ عَلِمْتَ مَا هَـٰٓؤُلَآءِ يَنطِقُونَ ﴿٦٥﴾ قَالَ أَفَتَعْبُدُونَ

جهڪائي (چوڻ لڳا تہ) تون تہ ڄاڻين ٿو تہ اهي (بت) نٿا ڳالهائين ﴿٦٥﴾ (ابراهيم عليه السلام) چيو تہ ڇا پوءِ توهان، الله کان سواءِ

مِن دُونِ ٱللَّهِ مَا لَا يَنفَعُكُمْ شَيْـًۭٔا وَلَا يَضُرُّكُمْ ﴿٦٦﴾ أُفٍّۢ لَّكُمْ

انهن (باطل معبودن) کي پوڄيو ٿا، جيڪي نہ توهان کي ڪو فائدو ڏين ٿا ۽ نہ ڪو نقصان ڏين ٿا ﴿٦٦﴾ توهان تي ۽ الله کان

وَلِمَا تَعْبُدُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ ۖ أَفَلَا تَعْقِلُونَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا۟ حَرِّقُوهُ

سواءِ جن کي پوڄيو ٿا، تن تي ٺٺ (۽ ڌڪار) آهي! ڇا پوءِ عقل نٿا رکو؟ ﴿٦٧﴾ انهن (لاجواب ٿي) چيو تہ کيس ساڙيو ۽

وَٱنصُرُوٓا۟ ءَالِهَتَكُمْ إِن كُنتُمْ فَـٰعِلِينَ ﴿٦٨﴾ قُلْنَا يَـٰنَارُ كُونِى بَرْدًۭا

پنهنجن معبودن جي مدد ڪريو، جيڪڏهن توهان ڪجهہ ڪرڻ وارا آهيو ﴿٦٨﴾ (پوءِ جڏهن کيس باهہ ۾ وڌائون تہ) چيوسون

وَسَلَـٰمًا عَلَىٰٓ إِبْرَٰهِيمَ ﴿٦٩﴾ وَأَرَادُوا۟ بِهِۦ كَيْدًۭا فَجَعَلْنَـٰهُمُ ٱلْأَخْسَرِينَ ﴿٧٠﴾

تہ اي باهہ! ابراهيم لاءِ ٿڌي ۽ سلامتيءَ واري ٿيءُ (يعني نہ ٿڌ جي ڪري کيس تڪليف پهچي ۽ نہ گرميءَ جي ڪري تڪليف
پهچي.) ﴿٦٩﴾ ۽ انهن ابراهيم (عليه السلام) جي خلاف تدبير جو ارادو ڪيو، پوءِ انهن کي ئي سڀ کان وڌيڪ نقصان وارو ڪيوسون ﴿٧٠﴾

وَنَجَّيْنَـٰهُ وَلُوطًا إِلَى ٱلْأَرْضِ ٱلَّتِى بَـٰرَكْنَا فِيهَا لِلْعَـٰلَمِينَ ﴿٧١﴾

۽ کيس ۽ لوط کي ملڪ (شام) ڏانهن نجات ڏني سون، جتي اسان دنيا وارن لاءِ برڪتون رکيون آهن (يعني چشما ۽ وڻ ٽڻ.) ﴿٧١﴾

وَوَهَبْنَا لَهُۥٓ إِسْحَـٰقَ وَيَعْقُوبَ نَافِلَةًۭ ۖ وَكُلًّا جَعَلْنَا

۽ کيس (سندس دعا جي نتيجي ۾) اسحاق بخشيوسون (۽ دعا کان) وڌيڪ (سندس پوٽو) يعقوب (بخشيوسون) ۽ هر هڪ

صَـٰلِحِينَ ﴿٧٢﴾ وَجَعَلْنَـٰهُمْ أَئِمَّةًۭ يَهْدُونَ بِأَمْرِنَا وَأَوْحَيْنَآ

کي نيڪ بخت ڪيوسون ﴿٧٢﴾ ۽ انهن کي (دنيا وارن جو) امام بڻايوسون. اسان جي حڪم مطابق (ماڻهن کي) هدايت

اِلَيْهِمْ فِعْلَ الْخَيْرٰتِ وَ اِقَامَ الصَّلٰوةِ وَ اِيْتَآءَ الزَّكٰوةِ ۚ

جي واٽ ڏيکاريندا هئا ۽ انهن ڏانهن چڱاين ڪرڻ ۽ نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪوٰة ڏيڻ جو حڪم موڪليوسون ۽ اهي اسان جي

وَ كَانُوْا لَنَا عٰبِدِيْنَ ﴿٧٣﴾ ۙ وَلُوْطًا اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا وَّ عِلْمًا وَّ نَجَّيْنٰهُ

عبادت ڪندڙ هئا ﴿٧٣﴾ ۽ (ابراهيم عليه السلام جي ڀائٽي) لوط (عليه السلام) کي (دين جي) حڪمت ۽ علم بخشيوسون ۽ کيس

مِنَ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ كَانَتْ تَّعْمَلُ الْخَبٰٓئِثَ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمَ

(سدومي) ڳوٺ مان نجات ڏني سون، جيڪي (بدفعلي، زوريءَ ٽيڪس وٺڻ وغيره جهڙا) بڇڙا ڪم ڪندا هئا. بيشڪ

سَوْءٍ فٰسِقِيْنَ ﴿٧٤﴾ ۙ وَاَدْخَلْنٰهُ فِيْ رَحْمَتِنَا ؕ اِنَّهٗ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٧٥﴾ ع ٥

اها هڪ بڇڙي، نافرمان قوم هئي ﴿٧٤﴾ ۽ کيس پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪيوسون. بيشڪ اهو نيڪ بختن مان هو ﴿٧٥﴾

وَ نُوْحًا اِذْ نَادٰى مِنْ قَبْلُ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ فَنَجَّيْنٰهُ وَاَهْلَهٗ مِنَ

۽ نوح جو ذڪر ڪر. جڏهن (ابراهيم ۽ لوط کان) اڳ اسان کي سڏيائين. پوءِ سندس دعا قبول ڪئي سون، پوءِ کيس ۽ سندن گهر

الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ﴿٧٦﴾ ۚ وَنَصَرْنٰهُ مِنَ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا

وارن کي وڏي مصيبت (يعني غرق ٿيڻ) کان بچايوسون ﴿٧٦﴾ ۽ ان قوم جي مقابلي ۾ سندس مدد ڪئي سون، جن اسان جي آيتن

بِاٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمَ سَوْءٍ فَاَغْرَقْنٰهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٧٧﴾

کي ڪوڙو ڪيو، بيشڪ اها بڇڙي (يعني بڇڙا ڪم ڪندڙ ۽ بڇڙو ڳالهائيندڙ) قوم هئي، پوءِ انهن سڀني کي غرق ڪيوسون ﴿٧٧﴾

وَ دَاوٗدَ وَ سُلَيْمٰنَ اِذْ يَحْكُمٰنِ فِي الْحَرْثِ اِذْ نَفَشَتْ

۽ دائود ۽ سليمان (عليهما السلام جو ذڪر ڪر.) جڏهن ٻنهي پوک جي باري ۾ فيصلو ڪري رهيا هئا، جڏهن هڪڙي قوم جي

فِيْهِ غَنَمُ الْقَوْمِ ۚ وَكُنَّا لِحُكْمِهِمْ شٰهِدِيْنَ ﴿٧٨﴾ ۙ فَفَهَّمْنٰهَا

ٻڪرين رات جو پوک کي پيلي ڇڏيو ۽ اسان سندن فيصلي جي وقت حاضر هئاسون ﴿٧٨﴾ پوءِ فيصلي جي سمجهاڻي

سُلَيْمٰنَ ۚ وَكُلًّا اٰتَيْنَا حُكْمًا وَّعِلْمًا ۡ وَّسَخَّرْنَا مَعَ دَاوٗدَ

سليمان کي ڏني سون ۽ هر هڪ کي حڪمت ۽ علم ڏنو سون ۽ دائود لاءِ جبلن ۽ پکين کي تابع ڪيو سون، جيڪي (ان سان

الْجِبَالَ يُسَبِّحْنَ وَالطَّيْرَ ۭ وَكُنَّا فٰعِلِيْنَ ﴿٧٩﴾ وَعَلَّمْنٰهُ صَنْعَةَ لَبُوْسٍ

گڏجي) تسبيح ڪندا هئا ۽ اسان (ئي ائين) ڪرڻ وارا هئاسون ﴿٧٩﴾ ۽ ڪيس توهان لاءِ زرهه پائڻ جي سکيا ڏني سون، جيئن

لَّكُمْ لِتُحْصِنَكُمْ مِّنْۢ بَاْسِكُمْ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ شٰكِرُوْنَ ﴿٨٠﴾ وَلِسُلَيْمٰنَ

توهان کي توهان جي جنگ (وغيره جي تڪليف) کان بچائي. چا پوءِ توهان شڪر ڪندڙ آهيو؟ ﴿٨٠﴾ ۽ سليمان (عليه السلام) لاءِ تيز

الرِّيْحَ عَاصِفَةً تَجْرِيْ بِاَمْرِهٖٓ اِلَى الْاَرْضِ الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا ۭ

هوا کي (تابع ڪيوسون)، جيڪا سندس حڪم سان (سندس تخت ۽ سندس لشڪر کي) ان سرزمين (يعني منزل)

وَكُنَّا بِكُلِّ شَيْءٍ عٰلِمِيْنَ ﴿٨١﴾ وَمِنَ الشَّيٰطِيْنِ مَنْ يَّغُوْصُوْنَ

ڏانهن کڻي هلندي هئي، جنهن جي چوڌاري اسان برڪتون رکيون آهن ۽ اسان هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهيون ﴿٨١﴾ ۽ ڪن شيطانن (کي
سندس تابع ڪيوسون. جيڪي) سندس لاءِ (سمنڊ مان موتي ڪڍڻ لاءِ) ٽٻيون هڻندا هئا ۽ (محلات ۽ ڪارخانا ناهڻ کان سواءِ) ٻيا (عجيب

لَهٗ وَيَعْمَلُوْنَ عَمَلًا دُوْنَ ذٰلِكَ ۚ وَكُنَّا لَهُمْ حٰفِظِيْنَ ﴿٨٢﴾ ۙ

غريب) ڪم ڪندا هئا ۽ اسان سندن حفاظت ڪندڙ هئاسون، (جيئن سندس نافرماني نه ڪن يا ڪيس نقصان نه ڏين) ﴿٨٢﴾

وَاَيُّوْبَ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَاَنْتَ اَرْحَمُ

۽ (اي محبوب ﷺ!) ايوب (عليه السلام) جو قصو بيان ڪر.) جڏهن پنهنجي ربّ کي سڏيائين ته مون کي تڪليف پهتي آهي، (جنهن تي صبر
ڪرڻ مشڪل آهي ۽ تون ڄاڻين ٿو ته جيترا منهنجي زبان تائين پهچڻ وارا آهن، متان تنهنجي ذڪر ۽ فڪر کان عاجز اچان.) ۽ تون سڀ

الرّٰحِمِيْنَ ﴿٨٣﴾ ۚ ۖ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ فَكَشَفْنَا مَا بِهٖ مِنْ ضُرٍّ وَّاٰتَيْنٰهُ

کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهين ﴿٨٣﴾ پوءِ سندس دعا قبول ڪئي سون ۽ ڪيس سندس تڪليف کان نجات ڏني سون ۽

اَهْلَهٗ وَمِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَذِكْرٰى

پنهنجي طرفان ڪيس رحمت طور سندس گهر وارا ۽ انهن جهڙا ٻيا به عطا ڪياسون ۽ (جيئن) عبادت ڪندڙن لاءِ نصيحت

لِلْعٰبِدِيْنَ ﴿٨٤﴾ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِدْرِيْسَ وَذَا الْكِفْلِ ؕ كُلٌّ مِّنَ

تنئي ﴿٨٤﴾ ۽ ياد ڪر اسماعيل ۽ ادريس ۽ ذا الڪفل کي (جيڪو پيغمبر يا بني اسرائيل جو مرد صالح هو ۽ هڪ نبيءَ جي
خلافت سنڀالڻ جو عهد ڪيائين، پوءِ پنهنجي عهد کي پورو ڪيائين.) بيشڪ اهي (تنئي الله جي فرمانبرداريءَ تي) صبر

الصّٰبِرِيْنَ ﴿٨٥﴾ ۚۖ وَاَدْخَلْنٰهُمْ فِيْ رَحْمَتِنَا ؕ اِنَّهُمْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٨٦﴾

ڪندڙ هئا ﴿٨٥﴾ ۽ کين پنهنجيءَ رحمت ۾ داخل ڪيوسون (يعني نبوت سان نوازيوسون.) بيشڪ اهي صالحن مان هئا ﴿٨٦﴾

وَذَا النُّوْنِ اِذْ ذَّهَبَ مُغَاضِبًا فَظَنَّ اَنْ لَّنْ نَّقْدِرَ عَلَيْهِ

۽ مڇيءَ واري (يونس عليه السلام جو ذڪر ڪر)، جڏهن (اسان جي فرمان کان سواءِ پنهنجي قوم کان) ڪاوڙجي هليو ويو.

فَنَادٰى فِى الظُّلُمٰتِ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ ۖۗ اِنِّيْ

پوءِ انهيءَ ڀانيو ته اسان انهيءَ تي هرگز قدرت نه رکنداسون. پوءِ (اسان کي رات جو ۽ سمنڊ ۾ ۽ مڇيءَ جي پيٽ ۾)

كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٨٧﴾ ۚۖ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۙ وَنَجَّيْنٰهُ مِنَ

يعني ٽن) اونداهين ۾ سڏ ڪيائين ته توکان سواءِ ڪو معبود نه آهي، تون (سڀني عيبن کان) پاڪ آهين. بيشڪ آءٌ ٿي
گنهگارن مان آهيان ﴿٨٧﴾ پوءِ اسان سندس دعا کي قبول ڪيو ۽ ان کي غم کان نجات ڏني سون ۽ اهڙيءَ طرح اسين

الْغَمِّ ؕ وَكَذٰلِكَ نُـْۨجِي الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨٨﴾ وَزَكَرِيَّآ اِذْ نَادٰى

ايمان وارن کي نجات ڏيندا آهيون ﴿٨٨﴾ ۽ زڪريا (عليه السلام جو ذڪر ڪر.) جڏهن پنهنجي ربّ کي سڏي چيائين

رَبَّهٗ رَبِّ لَا تَذَرْنِيْ فَرْدًا وَّاَنْتَ خَيْرُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿٨٩﴾ ۚۖ

ته ربّ منهنجا! مون کي اڪيلو (يعني بي اولاد) نه ڇڏ ۽ تون ٿي بهترين والي وارث آهين ﴿٨٩﴾

فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۫ وَوَهَبْنَا لَهٗ يَحْيٰى وَاَصْلَحْنَا لَهٗ زَوْجَهٗ ؕ

پوءِ سندس دعا کي قبول ڪيوسون ۽ کيس يحيٰ (عليه السلام) بخشيوسون ۽ سندس (سَنڍ) زال کي (نوانوي سالن جي عمر

اِنَّهُمْ كَانُوْا يُسٰرِعُوْنَ فِى الْخَيْرٰتِ وَيَدْعُوْنَنَا رَغَبًا وَّرَهَبًا ؕ

۾) سندس لاءِ درست (يعني اولاد جي لائق) ڪيوسون. بيشڪ اهي چڱاين ۾ اگرائي ڪندا هئا ۽ اسان کي اميد ۽ خوف

وَكَانُوْا لَنَا خٰشِعِيْنَ ﴿٩٠﴾ وَالَّتِيْٓ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِيْهَا

سان سڏيندا هئا ۽ عاجزي سان اسان جي عبادت ڪندڙ هئا ﴿٩٠﴾ ۽ (نيڪ خاتون مريم عليها السلام جو ذڪر ڪر.) جنهن (هر

مِنْ رُّوْحِنَا وَجَعَلْنٰهَا وَابْنَهَآ اٰيَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿٩١﴾ اِنَّ هٰذِهٖٓ

قسم جي صحبت کان) پنهنجي اگهڙ جي حفاظت ڪئي. پوءِ منجهس پنهنجو روح ڦوڪيوسون ۽ ڪيس ۽ سندس پٽ کي
جهانن وارن لاءِ (پنهنجي قدرت جي) نشاني (۽ معجزو) بڻايوسون ﴿٩١﴾ بيشڪ توهان جي هيءَ امت درحقيقت هڪڙي

اُمَّتُكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً ۖ وَّاَنَا رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْنِ ﴿٩٢﴾ وَتَقَطَّعُوْٓا

امت آهي ۽ آءٌ ئي توهان جو ربّ آهيان، پوءِ منهنجي ئي عبادت ڪريو ﴿٩٢﴾ ۽ (امتن ديني) ڪمن ۾ جدائي وجهي ڇڏي

ع ١٨ اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ ؕ كُلٌّ اِلَيْنَا رٰجِعُوْنَ ﴿٩٣﴾ فَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ

(۽ پاڻ ۾ اختلاف ڪيائون.) هر هڪ (امّت) کي اسان ڏانهن ئي موٽڻو آهي ﴿٩٣﴾ پوءِ جيڪو چڱا ڪم ڪندو ۽ اهو مؤمن به

الصّٰلِحٰتِ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا كُفْرَانَ لِسَعْيِهٖ ۚ وَاِنَّا لَهٗ كٰتِبُوْنَ ﴿٩٤﴾

هوندو ته سندس ڪوشش جي بي قدري نه ٿيندي ۽ بيشڪ اسين سندس لاءِ (چڱاين کي) لکڻ وارا آهيون ﴿٩٤﴾

وَحَرٰمٌ عَلٰى قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَآ اَنَّهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٩٥﴾ حَتّٰٓى اِذَا

۽ جنهن به ڳوٺ کي اسان (عذاب ڏئي) هلاڪ ڪيو آهي، تنهن تي حرام آهي ته اهي (دنيا ۾ وري) موٽي نه ايندا ﴿٩٥﴾ تانجو

فُتِحَتْ يَاْجُوْجُ وَمَاْجُوْجُ وَهُمْ مِّنْ كُلِّ حَدَبٍ يَّنْسِلُوْنَ ﴿٩٦﴾ وَ

جڏهن ياجوج ۽ ماجوج (جي روڪ) کولي ويندي ۽ اهي هر مٿانهين جاءِ تان ڊوڙندا ايندا ﴿٩٦﴾ ۽ (قيامت جو)

اقْتَرَبَ الْوَعْدُ الْحَقُّ فَاِذَا هِيَ شَاخِصَةٌ اَبْصَارُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ

سچو وعدو ويجهو ايندو ته ان وقت ڪافرن جون اکيون ٽڙي ويندون (چوندا ته) هاءِ اسان جي شامت! بيشڪ اسين

يٰوَيْلَنَا قَدْ كُنَّا فِيْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا بَلْ كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٩٧﴾

ته هن (ڏينهن) کان غفلت ۾ هئاسون، بلڪ (رسولن کي ڪوڙو ڪرڻ سبب) اسين ظالمن مان هئاسون ﴿٩٧﴾

اِنَّكُمۡ وَمَا تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ حَصَبُ جَهَنَّمَ ؕ

(اي مشرڪو!) بيشڪ توهان ۽ الله ڪان سواءِ جن ڪي توهان پوڄيو ٿا، دوزخ جو ٻَلُ آهيو، توهين منجهس

اَنۡتُمۡ لَهَا وٰرِدُوۡنَ ﴿٩٨﴾ لَوۡ كَانَ هٰٓؤُلَآءِ اٰلِهَةً مَّا وَرَدُوۡهَا ؕ

داخل ٿيڻ وارا آهيو ﴿٩٨﴾ جيڪڏهن (مشرڪن جا باطل معبود يا سندن بت حقيقي) خدا هجن ها ته دوزخ ۾ داخل نه

وَكُلٌّ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿٩٩﴾ لَهُمۡ فِيۡهَا زَفِيۡرٌ وَّهُمۡ فِيۡهَا لَا

ٿين ها ۽ (عابد ۽ سندن معبود) سڀ منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ﴿٩٩﴾ انهيءَ (دوزخ) ۾ سندن رڙيون هونديون ۽

يَسۡمَعُوۡنَ ﴿١٠٠﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ سَبَقَتۡ لَهُمۡ مِّنَّا الۡحُسۡنٰٓى ۙ اُولٰٓئِكَ عَنۡهَا

اهي انهيءَ ۾ (باهه جي رڙين جي ڪري) ڪجهه ٻڌي نه سگهندا ﴿١٠٠﴾ بيشڪ جن ماڻهن لاءِ اسان جي طرفان اڳ ۾ (سعادت ۽)
ڀلائي (يعني جنت) لکيل آهي، اهي انهيءَ (دوزخ) کان پري رهڻ وارا آهن ﴿١٠١﴾ اهي ان جي ڀڻڪ به نه ٻڌندا ۽ (جنت ۾)

مُبۡعَدُوۡنَ ﴿١٠١﴾ ۙ لَا يَسۡمَعُوۡنَ حَسِيۡسَهَا ۚ وَهُمۡ فِىۡ مَا اشۡتَهَتۡ

سندن نفس جيڪي ڪجهه گهرندا، تنهن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن ﴿١٠٢﴾ ڪين وڏو خوف (يعني موت جو ڪهڻ، يا دوزخ تي

اَنۡفُسُهُمۡ خٰلِدُوۡنَ ﴿١٠٢﴾ ۚ لَا يَحۡزُنُهُمُ الۡفَزَعُ الۡاَكۡبَرُ وَتَتَلَقّٰهُمُ

پلصراط جو رکڻ، يا ٻيءِ صور جو ڦوڪجڻ، يا قبرن مان زنده اٿارڻ) رنج نه ڏيندو ۽ فرشتا سندن استقبال ڪندا (قبرن مان

الۡمَلٰٓئِكَةُ ؕ هٰذَا يَوۡمُكُمُ الَّذِىۡ كُنۡتُمۡ تُوۡعَدُوۡنَ ﴿١٠٣﴾ يَوۡمَ نَطۡوِى

نڪرڻ ۽ بهشت ۾ داخل ٿيڻ وقت ڪين چوندا ته) هيءُ آهي توهان جو اهو ڏينهن، جنهن جو توهان سان (دنيا ۾) وعدو ڪيو ويندو
هو ﴿١٠٣﴾ (قيامت جي) ڏينهن آسمان کي ويڙهينداسون، جيئن لکيل ڪاغذن جي ٿهي کي ويڙهبو آهي (يا جيئن مقرر ڪيل

السَّمَآءَ كَطَىِّ السِّجِلِّ لِلۡكُتُبِ ؕ كَمَا بَدَاۡنَاۤ اَوَّلَ خَلۡقٍ نُّعِيۡدُهٗ ؕ

فرشتو انسانن جي اعمالنامن جا دفتر ويڙهيندو آهي)، جيئن اسان پهريون پيرو (توهان کي اڳهاڙو ڪري ۽ ختني ڪان

وَعۡدًا عَلَيۡنَا ؕ اِنَّا كُنَّا فٰعِلِيۡنَ ﴿١٠٤﴾ وَلَقَدۡ كَتَبۡنَا فِى الزَّبُوۡرِ مِنۡۢ

سواءِ) پيدا ڪيوسون، (تيئن توهان کي) وري پيدا ڪنداسون. (اهو) وعدو اسان تي (پورو ڪرڻ لازم) آهي.
بيشڪ اسين (پنهنجي انهيءَ وعدي کي پورو) ڪرڻ وارا آهيون ﴿١٠٤﴾ ۽ بيشڪ اسان نصيحت (يعني توريت) کان پوءِ زبور

بَعْدِ الذِّكْرِ اَنَّ الْاَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِيَ الصّٰلِحُوْنَ ﴿١٠٥﴾

۾ لکي ڇڏيو هو تہ (دنيا يا بهشت ۾) زمين جا وارث منهنجا صالح ٻانها ٿي ٿيندا ﴿١٠٥﴾ بيشڪ هن (قرآن جي پيرويءَ) ۾

اِنَّ فِيْ هٰذَا لَبَلٰغًا لِّقَوْمٍ عٰبِدِيْنَ ﴿١٠٦﴾ؕ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا

انهن ماڻهن لاءِ (جنت ۾) پهچڻ (جي ضمانت) آهي، جيڪي (الله جي) عبادت (۽ اطاعت) ڪندڙ آهن ﴿١٠٦﴾ ۽ (اي رسولن

رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٧﴾ قُلْ اِنَّمَا يُوْحٰۤى اِلَيَّ اَنَّمَاۤ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ

جا سردار ﷺ!) اسان توکي جهانن وارن لاءِ رڳو رحمت ڪري موڪليو آهي ﴿١٠٧﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ دراصل مون ڏانهن
وحي موڪليو وڃي ٿو تہ بيشڪ توهان جو معبود هڪ الله آهي، (جيڪو لاشريڪ لہ آهي)، پوءِ ڇا توهان مسلمان (يعني

وَّاحِدٌ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٠٨﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ

ايمان آڻڻ وارا) آهيو ﴿١٠٨﴾ پوءِ جيڪڏهن (اسلام کان) منهن موڙين تہ فرماءِ تہ مون توهان کي (برائيءَ ۽ ڀلائيءَ

اٰذَنْتُكُمْ عَلٰى سَوَآءٍ ؕ وَاِنْ اَدْرِيْۤ اَقَرِيْبٌ اَمْ بَعِيْدٌ مَّا

ٻنهي ڳالهين کان) برابريءَ جي بنياد تي خبردار ڪري ڇڏيو آهي ۽ آءٌ نٿو ڄاڻان تہ (قيامت يا عذاب) جو جيڪو

تُوْعَدُوْنَ ﴿١٠٩﴾ اِنَّهٗ يَعْلَمُ الْجَهْرَ مِنَ الْقَوْلِ وَيَعْلَمُ مَا

وعدو توهان سان ڪيو وڃي ٿو، اهو ويجهو آهي يا پري آهي؟ ﴿١٠٩﴾ بيشڪ الله ظاهر ڳالهہ کي بہ ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي ڪجهہ

تَكْتُمُوْنَ ﴿١١٠﴾ وَاِنْ اَدْرِيْ لَعَلَّهٗ فِتْنَةٌ لَّكُمْ وَمَتَاعٌ اِلٰى

توهان لڪايو ٿا، ان کي بہ ڄاڻي ٿو ﴿١١٠﴾ ۽ آءٌ نٿو ڄاڻان تہ شايد اها (عذاب ۾ دير) توهان لاءِ آزمائش ۽ هڪ وقت (يعني مرڻ
گهڙيءَ) تائين فائدي جو سامان هجي ﴿١١١﴾ (حضرت محمد ﷺ) چيو تہ ربّ منهنجا! (منهنجي ۽ مڪي وارن جي

حِيْنٍ ﴿١١١﴾ قٰلَ رَبِّ احْكُمْ بِالْحَقِّ ؕ وَرَبُّنَا الرَّحْمٰنُ الْمُسْتَعَانُ

وچ ۾) حقّ سان فيصلو فرماءِ (۽ فرماءِ تہ) اسان جو ربّ روزي ڏيندڙ آهي ۽ توهان جيڪي (ڪوڙيون ۽ باطل)

عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿١١٢﴾ ع

ع النّصف

ڳالهيون گهڙيو ٿا، انهن جي مقابلي ۾ ان کان ئي مدد گهربل آهي ﴿١١٢﴾

اٰيَاتُهَا ٧٨ (٢٢) سُوْرَةُ الْحَجِّ مَدَنِيَّةٌ (١٠٣) رُكُوْعَاتُهَا ١٠

سورة الحج مدني آهي، ان ۾ اٺهتر آيتون ۽ ڏهہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عام رحمت ۽ خاص رحمت جو مالڪ آهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ ۚ اِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَيْءٌ

اي انسانو! پنهنجي ربّ (جي عذاب) کان ڊڄو، بيشڪ قيامت جو زلزلو (۽ ڌڪاءُ) يقيناً هڪ وڏي شيءِ

عَظِيْمٌ ① يَوْمَ تَرَوْنَهَا تَذْهَلُ كُلُّ مُرْضِعَةٍ عَمَّاۤ اَرْضَعَتْ وَ

آهي ① (جنهن) ڏينهن توهان ان کي ڏسندا تہ (گهبراهٽ جي ڪري) کير پيارينديڙ هر عورت پنهنجي ٻار کان غافل ٿي

تَضَعُ كُلُّ ذَاتِ حَمْلٍ حَمْلَهَا وَ تَرَى النَّاسَ سُكٰرٰى وَ مَا

ويندي ۽ پيٽ واري هر عورت پنهنجو ٻار ڪيرائي ڇڏيندي ۽ (دهشت وچان) ماڻهن کي مدهوش ڏسندين ۽ اهي (شراب

هُمْ بِسُكٰرٰى وَ لٰكِنَّ عَذَابَ اللّٰهِ شَدِيْدٌ ② وَ مِنَ النَّاسِ

جي نشي ۾) مدهوش نہ هوندا ۽ پر الله جو عذاب سخت آهي، (جنهن ڪري خوف ۽ گهبراهٽ ۾ هوندا) ② ۽ ماڻهن مان ڪو

مَنْ يُّجَادِلُ فِي اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّ يَتَّبِعُ كُلَّ شَيْطٰنٍ

آهي، جيڪو (پيغمبر سان) الله جي (شان جي) باري ۾ بي سمجهيءَ سان جهڳڙو ڪري ٿو ۽ هر (نافرمان، تڙيل شيطان

مَّرِيْدٍ ③ كُتِبَ عَلَيْهِ اَنَّهٗ مَنْ تَوَلَّاهُ فَاَنَّهٗ يُضِلُّهٗ وَ

جي پيروي ڪري ٿو ③ شيطان جي باري ۾ فيصلو لکجي چڪو آهي تہ جيڪو سندس پيروي ڪندو، تنهن کي گمراهہ ڪندو

يَهْدِيْهِ اِلٰى عَذَابِ السَّعِيْرِ ④ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ

۽ کيس باهہ جي عذاب ۾ پهچائيندڙ (عمل جو) رستو ونائيندو ④ اي انسانو! (اي مڪي جا ڪافرو!) جيڪڏهن موت کان پوءِ

رَيْبٍ مِّنَ الْبَعْثِ فَاِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ

جيئڻ جي باري شڪ ۾ آهيو ته پوءِ بيشڪ اسان توهان کي (يعني توهان جي ڏاڏي آدم عليه السلام کي) متيءَ مان پيدا ڪيو، پوءِ (سندس اولاد کي) منيءَ جي نطفي مان، پوءِ جميل رت مان، پوءِ گوشت جي بوٽيءَ مان، پوري خلقت

ثُمَّ مِنْ عَلَقَةٍ ثُمَّ مِنْ مُّضْغَةٍ مُّخَلَّقَةٍ وَّغَيْرِ مُخَلَّقَةٍ

۾ ۽ اڻ پوري خلقت ۾ (يعني ڪنهن ۾ ساهه هوندو آهي ۽ ڪنهن ۾ ساهه نه هوندو آهي)، جيئن توهان لاءِ پنهنجي

لِّنُبَيِّنَ لَكُمْ ؕ وَنُقِرُّ فِي الْاَرْحَامِ مَا نَشَآءُ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى

قدرت جي ڪمال کي روشن ڪريون ۽ جنهن کي گهرندا آهيون، تنهن کي مقرر مدت تائين مائرن جي رِحمن ۾

ثُمَّ نُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْۤا اَشُدَّكُمْ ۚ وَمِنْكُمْ مَّنْ

نهرائيندا آهيون. پوءِ توهان کي (توهان جي مائرن جي پيٽ مان) ٻار ڪري ٻاهر ڪيندا آهيون (پوءِ توهان کي مهلت

يُّتَوَفّٰى وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرَدُّ اِلٰۤى اَرْذَلِ الْعُمُرِ لِكَيْلَا يَعْلَمَ

ڏيندا آهيون)، جيئن پنهنجي (قوت ۽ عقل جي) ڪمال (يعني ٽيهن کان چاليهن سالن جي عمر) کي پهچو ۽ توهان

مِنْۢ بَعْدِ عِلْمٍ شَيْـًٔا ؕ وَتَرَى الْاَرْضَ هَامِدَةً فَاِذَاۤ

مان ڪي (قوت کي پهچڻ کان اڳ ۾) مرن ٿا ۽ توهان مان ڪو انتهائي هيٺائي (يعني بي عقليءَ جي) عمر ڏانهن

اَنْزَلْنَا عَلَيْهَا الْمَآءَ اهْتَزَّتْ وَرَبَتْ وَاَنْۢبَتَتْ مِنْ كُلِّ

موٽايو وڃي ٿو، جيئن ڄاڻڻ کان بعد ڪجهه نه ڄاڻي. (۽ ٻيهر جياپي لاءِ ٻيو دليل هيءُ آهي ته) زمين کي غير آباد

زَوْجٍۭ بَهِيْجٍ ۞ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّهٗ يُحْيِ الْمَوْتٰى

ڏسين ٿو، پوءِ جڏهن مٿس پاڻي وسايون ٿا ته تازي ٿئي ٿي ۽ اڀامي ٿي ۽ هر قسم جا وڻندڙ اوڀڙ ڦٽائي ٿي، (جيڪي ڏسندڙن کي سٺا لڳن ٿا.) ۞ اهو (سڀ ڪجهه هن ڪري آهي ته جيئن ڄاڻو) ته الله ئي معبود برحقّ آهي ۽

وَاَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۞ وَّاَنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ لَّا

اهو ئي مئن کي جياري ٿو ۽ اهو هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ۞ ۽ (جيئن ڄاڻو ته) قيامت اچڻ واري آهي،

رَيۡبَ فِيۡهَا ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ يَبۡعَثُ مَنۡ فِى الۡقُبُوۡرِ ⑦ وَمِنَ

جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي ۽ (ڄاڻو) تہ جيڪي بہ قبرن ۾ آهن، تن کي الله (قيامت ۾) جيئرو ڪري اٿاريندو ⑦ ۽ ماڻهن

النَّاسِ مَنۡ يُّجَادِلُ فِى اللّٰهِ بِغَيۡرِ عِلۡمٍ وَّلَا هُدًى وَّلَا

مان ڪو آهي، جيڪو الله جي (شان ۽ معرفت جي) باري ۾ علم ۽ هدايت ۽ روشن ڪتاب کان سواءِ جهڳڙو ڪري

كِتٰبٍ مُّنِيۡرٍ ۙ ⑧ ثَانِىَ عِطۡفِهٖ لِيُضِلَّ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ؕ لَهٗ

ٿو ⑧ (تڪبّر وچان) پنهنجي ڪنڌ کي لوڏا ڏئي ٿو، جيئن (ماڻهن کي) الله جي واٽ (۽ پيغمبر ﷺ جي پيروي ءَ)

فِى الدُّنۡيَا خِزۡىٌ وَّنُذِيۡقُهٗ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ عَذَابَ الۡحَرِيۡقِ ⑨

کان گمراهہ ڪري. سندس لاءِ دنيا ۾ بہ خواري (يعني قتل ۽ قيد جو عذاب) آهي ۽ قيامت جي ڏينهن ڪيس ساڙيندڙ باهہ

ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتۡ يَدٰكَ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيۡسَ بِظَلَّامٍ لِّلۡعَبِيۡدِ ⑩ ع وَ ع ١ ٨

جو عذاب چکائيندا سون ⑨ اهو (عذاب تنهنجي انهن عملن جو نتيجو آهي)، جيڪي تو پاڻ اڳتي (يعني آخرت لاءِ)
موڪليا آهن ۽ هيءُ تہ الله ٻانهن تي ظلم ڪندڙ نہ آهي (جو ناحق ڪنهن کي عذاب ڏي) ⑩ ۽ ماڻهن مان ڪو

مِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّعۡبُدُ اللّٰهَ عَلٰى حَرۡفٍ ۚ فَاِنۡ اَصَابَهٗ خَيۡرُ ۨ

آهي، جيڪو شڪ (۽ ٻڏتر) ۾ الله جي عبادت ڪري ٿو. پوءِ جيڪڏهن ڪيس ڪا ڀلائي پهچندي آهي تہ ان تي مطمئن ٿي

اطۡمَاَنَّ بِهٖ ۚ وَاِنۡ اَصَابَتۡهُ فِتۡنَةُ ۨ انۡقَلَبَ عَلٰى وَجۡهِهٖ ۚ قف خَسِرَ

ويهندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪيس ڪا تڪليف (۽ برائي) پهچندي آهي تہ (ڪفر ڏانهن) موٽندو آهي. دنيا ۽ آخرت

الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةَ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الۡخُسۡرَانُ الۡمُبِيۡنُ ⑪ يَدۡعُوۡا مِنۡ

(ٻنهي جهانن) ۾ خساري وارو ٿيو. اهو ئي پڌرو نقصان آهي ⑪ (اهو زيانڪار شخص) الله کان سواءِ انهن (باطل

دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهٗ وَمَا لَا يَنۡفَعُهٗ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ

معبودن) کي سڏي ٿو، جيڪي ڪيس نہ نقصان ڏين ٿا ۽ نڪي ڪيس فائدو ڏين ٿا. اها ئي (حق کان) ڏور انهين گمراهي

الْبَعِيْدُ ﴿١٢﴾ يَدْعُوْا لَمَنْ ضَرُّهٗٓ اَقْرَبُ مِنْ نَّفْعِهٖ ؕ لَبِئْسَ الْمَوْلٰى

آهي ⑫ الله کي ڇڏي ان کي سڏي ٿو، جنهن جو نقصان، سندس نفعي کان وڌيڪ ويجهو آهي. بيشڪ برو آهي اهڙو

وَلَبِئْسَ الْعَشِيْرُ ﴿١٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

سائين ۽ برو آهي اهڙو ساٿي (جنهن کي اهو زيانڪار سڏي ٿو.) ⑬ بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون،

الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ

تن کي الله بهشتن ۾ داخل ڪندو، جن (جي وڻن يا محلات) جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. بيشڪ الله جيڪي ڪجهه گهري

مَا يُرِيْدُ ﴿١٤﴾ مَنْ كَانَ يَظُنُّ اَنْ لَّنْ يَّنْصُرَهُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا

ٿو سو ڪري ٿو ⑭ جيڪو شخص (الله جي تقدير تي راضي نٿو رهي ۽) گمان ڪري ٿو ته الله دنيا ۽ آخرت ۾ ان جي

وَالْاٰخِرَةِ فَلْيَمْدُدْ بِسَبَبٍ اِلَى السَّمَآءِ ثُمَّ لْيَقْطَعْ فَلْيَنْظُرْ

(يعني حضرت محمد ﷺ جي) مدد نه ڪندو (يا ان شخص کي روزي نه ڏيندو)، تنهن کي گهرجي ته آسمان تي رسيءَ جي ذريعي
چڙهي، پوءِ ان (رسيءَ) کي وڍي ڇڏي، (يعني ڦاهي کائي مري ڇڏي.) پوءِ ڏسي ته ڇا سندس اها تدبير سندس ڪاوڙ کي ختم ڪري

هَلْ يُذْهِبَنَّ كَيْدُهٗ مَا يَغِيْظُ ﴿١٥﴾ وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ ۙ

ٿي؟ (يعني حضرت محمد ﷺ جن جي مدد کي روڪي ٿي؟) ⑮ ۽ اهڙي طرح (اڳين ڪتابن وانگر) روشن آيتن وارو

وَّاَنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يُّرِيْدُ ﴿١٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ

قرآن لاٿوسون ۽ هيءُ ته الله جنهن کي گهري ٿو، هدايت ڏئي ٿو ⑯ بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جيڪي يهودي

هَادُوْا وَالصّٰبِـِٕيْنَ وَالنَّصٰرٰى وَالْمَجُوْسَ وَالَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا ۖ اِنَّ

ٿيا ۽ نصاري ۽ صابئي (يعني يهودين ۽ عيسائين مان ملائڪن جي پوڄا ڪندڙ) ۽ مجوسي (يعني سج جا

اللّٰهَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

پوڄاري) ۽ جن شرڪ ڪيو، بيشڪ الله انهن جي وچ ۾ قيامت جي ڏينهن فيصلو فرمائيندو. بيشڪ الله هر شيءِ تي

شَهِيْدٌ ﴿١٧﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يَسْجُدُ لَهٗ مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَمَنْ

شاهد آهي ﴿١٧﴾ ڇا تو نہ ڏٺو تہ جيڪا (مخلوق) آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪا زمين ۾ آهي ۽ سج ۽ چنڊ ۽ تارا ۽ جبل ۽ وڻ ٽڻ ۽

فِى الْاَرْضِ وَالشَّمْسُ وَالْقَمَرُ وَالنُّجُوْمُ وَالْجِبَالُ وَالشَّجَرُ

حيوان ۽ گهڻا ماڻهو الله کي (عاجزي ۽ خوشيءَ سان) سجدو ڪن ٿا ۽ گهڻا ماڻهو اهي آهن، جن تي (خوشيءَ

وَالدَّوَآبُّ وَكَثِيْرٌ مِّنَ النَّاسِ ؕ وَكَثِيْرٌ حَقَّ عَلَيْهِ الْعَذَابُ ؕ

سان سجدو نہ ڪرڻ سبب) عذاب لازم ٿي چڪو آهي ۽ جنهن کي الله تعاليٰ (ڪفر ۾ مبتلا ڪري) خوار خراب ڪري،

السجدة

وَمَنْ يُّهِنِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّكْرِمٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ؕ ﴿١٨﴾

تنهن کي ڪو بہ عزت ڏيڻ وارو نہ آهي. بيشڪ الله جيڪي ڪجھ گهرندو آهي، سو ڪندو آهي ﴿١٨﴾

هٰذٰنِ خَصْمٰنِ اخْتَصَمُوْا فِىْ رَبِّهِمْ ز فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا قُطِّعَتْ

(مؤمن ۽ ڪافر) اهي ٻہ ڌريون آهن، جن پاڻ ۾ پنهنجي ربّ جي باري ۾ تڪرار ڪيو. پوءِ جن ڪفر ڪيو، تن لاءِ باھ جا ڪپڙا

لَهُمْ ثِيَابٌ مِّنْ نَّارٍ ؕ يُصَبُّ مِنْ فَوْقِ رُءُوْسِهِمُ الْحَمِيْمُ ج ﴿١٩﴾

تيار ڪيا ويا آهن. سندن مٿان ٽهڪندڙ پاڻي هاريو ويندو، (جنهن جو هڪ قطرو بہ جبل تي پوي تہ ان کي ڳاري ڇڏي) ﴿١٩﴾

يُصْهَرُ بِهٖ مَا فِىْ بُطُوْنِهِمْ وَالْجُلُوْدُ ؕ ﴿٢٠﴾ وَلَهُمْ مَّقَامِعُ مِنْ

ان (جي گرمي جي تيزيءَ) سبب سندن پيٽ جي هر شيءِ ۽ (سندن) کلون بہ ڳري وينديون ﴿٢٠﴾ ۽ ڪين (مارڻ ۽ ڪُٽڻ) لاءِ لوها گرز

آهن، (جنهن جي لڳڻ سان دوزخي، دوزخ جي تري ۾ وڃي پهچندا ۽ ايذا ڳرا آهن، جو ان کي سڀ انسان ۽ جنّ گڏجي بہ

حَدِيْدٍ ﴿٢١﴾ كُلَّمَآ اَرَادُوْٓا اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا مِنْ غَمٍّ اُعِيْدُوْا

پنهنجي جاءِ تان هٽائي نہ سگهندا.) ﴿٢١﴾ جڏهن بہ غم سبب دوزخ مان ٻاهر نڪرڻ گهرندا، ڪين منجهس موٽايو ويندو ۽

ع ١٢ / ٩

فِيْهَا ق وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ع ﴿٢٢﴾ اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ

(چيو ويندو تہ) ساڙيندڙ باھ جو عذاب چکو، (جنهن کي توهان ڪوڙو ڪندا هئا) ﴿٢٢﴾ بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ

۽ چڱا ڪم ڪيائون، تن کي الله جنتن ۾ داخل ڪندو، جن جي (وڻن جي) هيٺان نهرون وهن ٿيون. اتي کين سونا

یُحَلَّوْنَ فِیْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّلُؤْلُؤًا ؕ وَلِبَاسُهُمْ

ڪنگڻ ۽ موتين جا هار پارايا ويندا، (جيئن دنيا جا بادشاهه اهڙا زيور پائيندا آهن) ۽ اتي سندن لباس ريشم جو هوندو

فِیْهَا حَرِیْرٌ ﴿٢٣﴾ وَهُدُوْٓا اِلَى الطَّیِّبِ مِنَ الْقَوْلِ ۚۖ وَهُدُوْٓا اِلٰى

﴿٢٣﴾ ۽ (دنيا ۾) کين پاڪ ڪلام (لا الٰه الا الله محمد رسول الله ﷺ جي) چوڻ يا نيڪي جي حڪم ڏيڻ ۽ برائي

صِرَاطِ الْحَمِیْدِ ﴿٢٤﴾ اِنَّ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا وَیَصُدُّوْنَ عَنْ

کان روڪڻ جي) ذريعي هدايت ڪئي وئي ۽ ساراهيل الله (جي پسند ڪيل دين اسلام) جو رستو ڏيکاريو ويو ﴿٢٤﴾ بيشڪ جن
ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ (ماڻهن کي) الله جي واٽ ۽ مسجد حرام (يعني بيت الله شريف) کان روڪيائون، جنهن کي اسان ماڻهن

سَبِیْلِ اللّٰهِ وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِ الَّذِیْ جَعَلْنٰهُ لِلنَّاسِ

لاءِ (قبلو ۽ حج ۽ عبادت جي جاءِ) بڻايو آهي، برابر آهي ته اهو مڪي جو هجي يا ٻاهر جو هجي ۽ جيڪو حرم ۾ ظلم

سَوَآءَ ۟ الْعَاكِفُ فِیْهِ وَالْبَادِ ؕ وَمَنْ یُّرِدْ فِیْهِ بِاِلْحَادٍۭ

(يعني غير شرعي ۽ احرام جي ابتڙ ڪم) ڪندو، (يا احرام کان سواءِ مڪي ۾ داخل ٿيندو)، تنهن کي (ان ڏوهه جي

بِظُلْمٍ نُّذِقْهُ مِنْ عَذَابٍ اَلِیْمٍ ﴿٢٥﴾ ع وَاِذْ بَوَّاْنَا لِاِبْرٰهِیْمَ ٣ع ٣ ١٠

ڪرڻ کان سواءِ، فقط ارادي تي ئي) ڏکوئيندڙ عذاب چکائينداسون ﴿٢٥﴾ ۽ ياد ڪر (اي مُحَمَّد ﷺ!) جڏهن ابراهيم (عليه السلام)

مَكَانَ الْبَیْتِ اَنْ لَّا تُشْرِكْ بِیْ شَیْـًٔا وَّطَهِّرْ بَیْتِیَ

لاءِ بيت الله جي جاءِ کي روشن ڪيوسون (جيڪو طوفان نوح عليه السلام ۾ آسمان تي کڻايو ويو هو ۽ حڪم ڪيوسون ته ان کي پيهر
ناهه ۽ فرمايوسون ته) مون سان گڏ ڪنهن به شيءِ کي شريڪ نه ڪر ۽ منهنجي گهر کي طواف ڪندڙن ۽ قيام ڪندڙن ۽

لِلطَّآىِٕفِیْنَ وَالْقَآىِٕمِیْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿٢٦﴾ وَاَذِّنْ فِی النَّاسِ

رڪوع ڪندڙن (۽) سجدو ڪندڙن لاءِ (شرڪ ۽ بت پرستيءَ) کان پاڪ صاف رک ﴿٢٦﴾ ۽ ماڻهن ۾ حج ڪرڻ جو اعلان ڪر.

بِالْحَجِّ يَاْتُوْكَ رِجَالًا وَّعَلٰى كُلِّ ضَامِرٍ يَّاْتِيْنَ مِنْ كُلِّ

(انهن مان) ڪي تو وٽ پيادا ايندا ۽ (انهن مان) ڪي هر ڏوراهين هنڌ کان ڏٻرن سُٻرن اُٺن تي سوار ٿي

فَجٍّ عَمِيْقٍ ﴿٢٧﴾ لِّيَشْهَدُوْا مَنَافِعَ لَهُمْ وَيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ

ايندا ﴿٢٧﴾ جيئن (ذوالحج جي ڏهن ڏينهن، عرفي جي ڏينهن، عيد جي ڏينهن ۽ تشريق جي) مقرر ڪيل ڏينهن ۾

فِيْٓ اَيَّامٍ مَّعْلُوْمٰتٍ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ ۚ

پنهنجن فائدن جي ڪمن لاءِ حاضر ٿين ۽ الله جي ڏنل جانورن (اٺن ۽ ٻڪرين وغيره) تي الله جو نالو وٺن. پوءِ

فَكُلُوْا مِنْهَا وَاَطْعِمُوا الْبَآئِسَ الْفَقِيْرَ ﴿٢٨﴾ ثُمَّ لْيَقْضُوْا تَفَثَهُمْ

(پاڻ به) انهن مان کائو ۽ محرومن، فقيرن (۽ درويشن) کي به کارايو ﴿٢٨﴾ پوءِ گهرجي ته پنهنجي مير مٿي لاهين

وَلْيُوْفُوْا نُذُوْرَهُمْ وَلْيَطَّوَّفُوْا بِالْبَيْتِ الْعَتِيْقِ ﴿٢٩﴾ ذٰلِكَ ۚ وَ

(جنهن جي احرام ۾ منع آهي) ۽ پنهنجيون مڃتائون پوريون ڪن ۽ قديم گهر جو طواف ڪن ﴿٢٩﴾ اهو (حج جي عملن

مَنْ يُّعَظِّمْ حُرُمٰتِ اللّٰهِ فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۗ وَاُحِلَّتْ

جي باري ۾ اسان جو حڪم آهي) ۽ جيڪو شخص (فرضن، سنتن، شرعي نشانن) ۽ الله جي مقرر ڪيل ادبن جي تعظيم ڪندو ته
اها ڳالهه سندس ربّ وٽ سندس لاءِ چڱي آهي ۽ توهان لاءِ (اٺ، ڍڳا، ڳئون، ٻڪريون وغيره) جانور حلال ڪيا ويا آهن، مگر جيڪي

لَكُمُ الْاَنْعَامُ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَاجْتَنِبُوا الرِّجْسَ مِنَ

توهان کي (آيت سڳوري: حرمت عليڪم... ۾) پڙهي ٻڌايا ويا آهن. پوءِ (عذاب جي وڏن سببن يعني) بتن جي پليتي کان

الْاَوْثَانِ وَاجْتَنِبُوْا قَوْلَ الزُّوْرِ ﴿٣٠﴾ حُنَفَآءَ لِلّٰهِ غَيْرَ مُشْرِكِيْنَ

بچو ۽ ڪوڙي ڳالهه کان (به) پاسو ڪريو ﴿٣٠﴾ ۽ باطل کي ڇڏي هڪ طرفو ٿي، الله جي دين ڏانهن متوجّه ٿيو، (هن حالت ۾ جو

بِهٖ ۗ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَكَاَنَّمَا خَرَّ مِنَ السَّمَآءِ فَتَخْطَفُهُ

مسلمان هجو.) شرڪ ڪندڙ نه هجو ۽ جيڪو شخص الله سان شرڪ ڪندو، ته پوءِ ڄڻ اهو آسمان کان هيٺ ڪِريو. پوءِ ڪيس

الطَّيْرُ اَوْ تَهْوِيْ بِهِ الرِّيْحُ فِيْ مَكَانٍ سَحِيْقٍ ﴿٣١﴾ ذٰلِكَ ق وَ

(فضا ۾ موجود) پکي جهٽي وٺن ۾ يا کيس هوا ڏوراهين هنڌ تي اڇلائي ڇڏي ﴿٣١﴾ اهو (اسان جو حڪم آهي) ۽ جيڪو الله

مَنْ يُّعَظِّمْ شَعَآئِرَ اللّٰهِ فَاِنَّهَا مِنْ تَقْوَى الْقُلُوْبِ ﴿٣٢﴾ لَكُمْ

جي نشانن (يعني قربانيءَ جي جانورن) جي عزت ڪندو ته بيشڪ اها ڳالهه دلين جي پرهيزگاريءَ مان

فِيْهَا مَنَافِعُ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ثُمَّ مَحِلُّهَآ اِلَى الْبَيْتِ

آهي ﴿٣٢﴾ انهن (قربانيءَ جي جانورن) ۾ توهان لاءِ مقرر مدت تائين فائدا آهن (يعني حج جي پوري ٿيڻ تائين مٿن سوار ٿيڻ ۽ سندن کير پيئڻ) پوءِ انهن (جي ذبح ٿيڻ) جو هنڌ قديم گهر (يعني حرم مڪه) آهي ﴿٣٣﴾ ۽ (اسان اڳين امتن مان) هر

الْعَتِيْقِ ﴿٣٣﴾ ع وَلِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا لِّيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ

امت لاءِ قرباني ۽ ذبح جو هڪ طريقو مقرر ڪيو آهي ته جيئن الله جي ڏنل رزق (يعني بي زبان جانورن) تي

عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ ط فَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ

(ذبح ڪرڻ وقت) خدا جو نالو وٺن ۽ توهان جو معبود هڪ (الله) آهي، پوءِ سندس فرمانبرداري ڪريو ۽ (اي محمد ﷺ!

فَلَهٗٓ اَسْلِمُوْا ط وَبَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ ﴿٣٤﴾ لا الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ

الله جي اطاعت ۾) عاجزي ڪندڙن کي خوشخبري ڏي ﴿٣٤﴾ اُهي (عاجزي ڪندڙ، جو) جڏهن الله جو نالو ورتو

اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَالصّٰبِرِيْنَ عَلٰى مَآ اَصَابَهُمْ وَالْمُقِيْمِي

ويندو آهي ته سندن دليون ڏڪي وينديون آهن ۽ مصيبتن تي صبر ڪندڙ هوندا آهن ۽ نماز قائم ڪندڙ هوندا آهن ۽

الصَّلٰوةِ لا وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَالْبُدْنَ جَعَلْنٰهَا

اسان انهن کي جيڪا روزي ڏني آهي، تنهن مان خرچ ڪندا آهن ﴿٣٥﴾ ۽ اسان قربانيءَ جي اُٺن (۽ ڏاندن وغيره) کي

لَكُمْ مِّنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِ لَكُمْ فِيْهَا خَيْرٌ ق صلے فَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ

توهان لاءِ الله جي (دين ۽ عبادت جو) نشان مقرر ڪيو آهي، منجهن توهان لاءِ ڀلائي (يعني دنيا جو فائدو ۽ آخرت

عَلَيْهَا صَوَآفَّ ۚ فَاِذَا وَجَبَتْ جُنُوْبُهَا فَكُلُوْا مِنْهَا وَاَطْعِمُوا

جو اجر) آهي، پوءِ (قرباني ڪرڻ وقت) انهن کي بيهاري، انهن جا هٿ پير ٻڌي، الله جو نالو وٺي، انهن کي (ذبح
ڪان) پوءِ جڏهن اهي پنهنجي پاسي پر ڪرن ته انهن مان کائو ۽ فقيرن ۽ سوالين (۽ غير سوالين) کي به کارايو ۽ اهڙيءَ طرح اسان

الْقَانِعَ وَالْمُعْتَرَّ ۗ كَذٰلِكَ سَخَّرْنٰهَا لَكُمْ لَعَلَّكُمْ

انهن (قرباني جي جانورن) کي توهان جي تابع ڪيو ته مَنَ توهان (الله جي اطاعت ڪندي ۽ روڪيل ڪمن کان بچندي

تَشْكُرُوْنَ ۝٣٦ لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَلَا دِمَآؤُهَا وَلٰكِنْ

سندس) شڪر ڪريو ۝٣٦ الله تعاليٰ تائين نه انهن جا گوشت پهچن ٿا ۽ نه انهن جا رت پهچن ٿا (جيئن مشرڪ ڪعبت الله

يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ ۗ كَذٰلِكَ سَخَّرَهَا لَكُمْ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ

شريف جي پٽ تي رت مَلِيندا هئا.) پر وٽس توهان جو اخلاص ۽ پرهيزگاري پهچي ٿي. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ انهن کي
توهان جي تابع ڪيو آهي ته جيئن هن ڳالهه تي الله جي وڏائي بيان ڪريو، ته توهان کي (حج جا احڪام سيکاريائين ۽)

عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ ۗ وَبَشِّرِ الْمُحْسِنِيْنَ ۝٣٧ اِنَّ اللّٰهَ يُدٰفِعُ

هدايت بخشيائين ۽ (اي مُحمّد ﷺ!) نيڪي ڪندڙن کي بشارت ڏي ۝٣٧ بيشڪ الله مؤمنن کي (مشرڪن جي مڪارين ۽

عَنِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۗ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ خَوَّانٍ كَفُوْرٍ ۝٣٨ ع ٥ ١٢

ايذائن کان) بچائيندو آهي. بيشڪ الله ڪنهن به خيانت ڪندڙ، ناشڪري انسان کي پسند نه ڪندو آهي ۝٣٨

اُذِنَ لِلَّذِيْنَ يُقٰتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا ۗ وَاِنَّ اللّٰهَ عَلٰى

جن (مسلمانن) سان جنگ ڪئي وڃي ٿي، تن کي (ڪافرن سان جهاد جي) اجازت ڏني وئي آهي، ڇاڪاڻ ته مٿن ظلم

نَصْرِهِمْ لَقَدِيْرُ ۝٣٩ الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بِغَيْرِ

ڪيو ويو آهي ۽ بيشڪ الله سندن مدد تي قدرت وارو آهي ۝٣٩ اهي (نيڪ ماڻهو) جن کي ناحق سندن گهرن مان ڪڍيو

حَقٍّ اِلَّآ اَنْ يَّقُوْلُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ۗ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ

ويو آهي، مگر هي ته اهي چون ٿا ته اسان جو ربّ الله آهي ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن (يعني مشرڪن) کي هڪ ٻئي (يعني

بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّهُدِّمَتْ صَوَامِعُ وَ بِيَعٌ وَّ صَلَوٰتٌ وَّ

مؤمنن) جي ذريعي دفع نہ ڪري ھا تہ يقيناً (راھبن جا) صومعا ۽ (عيسائين جا) گرجا گھر ۽ (يھودين جي) عبادت جون

مَسٰجِدُ يُذْكَرُ فِيْهَا اسْمُ اللّٰهِ كَثِيْرًا ؕ وَلَيَنْصُرَنَّ اللّٰهُ

جايون ۽ (مسلمانن جون) مسجدون، جن ۾ الله کي گھڻو ياد ڪيو وڃي ٿو، ويران ٿي وڃن ھا ۽ جيڪو شخص الله جي

مَنْ يَّنْصُرُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٤٠﴾ اَلَّذِيْنَ اِنْ مَّكَّنّٰهُمْ

مدد ڪندو، الله ضرور ان جي مدد ڪندو. بيشڪ الله طاقتور، غالب آھي ﴿٤٠﴾ (جن جي اسان مدد ڪريون ٿا)، سي اُھي

فِي الْاَرْضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَاَمَرُوْا بِالْمَعْرُوْفِ

ماڻھو آھن، جو جيڪڏھن کين زمين ۾ طاقت (يعني حڪومت) ڏيون تہ نماز قائم ڪندا ۽ زڪوٰة ڏيندا ۽ نيڪي جو حڪم

وَنَهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ ؕ وَلِلّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ﴿٤١﴾ وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ

ڪندا ۽ برائيءَ کان روڪيندا. (اصحابي سڳورا، يا نبي سائين ﷺ جن جي امت جا سڀ نيڪ مردَ ۽ نيڪ عورتون
مراد آھن) ۽ ھر ڪم جي پڇاڙي الله جي اختيار ۾ آھي ﴿٤١﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) جيڪڏھن توکي ڪوڙو ڪن ٿا تہ (رنج ۽ تنگ دل

فَقَدْ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّ عَادٌ وَّ ثَمُوْدُ ﴿٤٢﴾ وَ

نہ ٿيءُ.) بيشڪ انھن کان اڳ نوح (عليہ السلام) جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود بہ (پيغمبرن سڳورن کي) ڪوڙو ڪيو ﴿٤٢﴾ ۽

قَوْمُ اِبْرٰهِيْمَ وَقَوْمُ لُوْطٍ ﴿٤٣﴾ وَّاَصْحٰبُ مَدْيَنَ ۚ وَكُذِّبَ

ابراھيم جي قوم ۽ لوط جي قوم بہ پيغمبرن کي ڪوڙو ڪيو ﴿٤٣﴾ ۽ مدين جي قوم ۽ موسىٰ کي بہ ڪوڙو ڪيو ويو. پوءِ

مُوْسٰى فَاَمْلَيْتُ لِلْكٰفِرِيْنَ ثُمَّ اَخَذْتُهُمْ ۚ فَكَيْفَ كَانَ

مون ڪافرن کي مھلت ڏني. پوءِ کين پڪڙيو. پوءِ (ڏسو!) منھنجي سزا ڪيئن ھئي، (جو سندن نعمتن کي مصيبتن ۾

نَكِيْرِ ﴿٤٤﴾ فَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا وَهِيَ ظَالِمَةٌ فَهِيَ

مَٽائي ڇڏيوسون) ﴿٤٤﴾ ۽ ڪيترا ڳوٺ آھن، جن (جي رھاڪن) کي ھلاڪ ڪيوسون ۽ اھي ظالم ھئا. پوءِ اھي (ڳوٺ)

خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَبِئْرٍ مُّعَطَّلَةٍ وَّقَصْرٍ مَّشِيْدٍ ﴿٤٥﴾

پنهنجين ڇتين سميت اونڌا (۽ برباد) آهن ۽ (انهن جا) ڪيترا کوھ اجڙيل ۽ (سندن) ڪيترا (شاندار) محلَ ويران آهن ﴿٤٥﴾

اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَتَكُوْنَ لَهُمْ قُلُوْبٌ يَّعْقِلُوْنَ بِهَآ

ڇا پوءِ انهن (مڪي جي ڪافرن) زمين جو سير ناهي ڪيو تہ پوءِ ڪين اهڙيون دليون نصيب ٿين، جن سان

اَوْ اٰذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا ۚ فَاِنَّهَا لَا تَعْمَى الْاَبْصَارُ وَلٰكِنْ

سوچي سمجهي سگهن ۽ ڪين ڪنَ نصيب ٿين، جن سان ٻُڌي سگهن. پوءِ بيشڪ اکيون انڌيون نہ ٿينديون آهن، پر

تَعْمَى الْقُلُوْبُ الَّتِىْ فِى الصُّدُوْرِ ﴿٤٦﴾ وَيَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ

دليون انڌيون ٿينديون آهن، جيڪي سينن ۾ آهن ﴿٤٦﴾ ۽ توکان جلدي عذاب جي گهر ڪن ٿا ۽ الله پنهنجي وعدي

وَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ وَعْدَهٗ ۗ وَاِنَّ يَوْمًا عِنْدَ رَبِّكَ كَاَلْفِ

جي هرگز خلاف نہ ڪندو ۽ بيشڪ تنهنجي ربّ وٽ (عذاب جو) هڪ ڏينهن توهان جي (دنياوي) ڳاڻاٽي مطابق ڇڻ تہ

سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ ﴿٤٧﴾ وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَمْلَيْتُ لَهَا وَهِىَ

هڪ هزار سالن جي برابر آهي ﴿٤٧﴾ ۽ ڪيترا ڳوٺ آهن، جن کي مون مهلت ڏني ۽ اهي ظالم هئا. پوءِ مون انهن

ظَالِمَةٌ ثُمَّ اَخَذْتُهَا ۚ وَاِلَىَّ الْمَصِيْرُ ﴿٤٨﴾ قُلْ يٰاَيُّهَا النَّاسُ ع ١٤

کي پڪڙيو ۽ مون ڏانهن ئي (سيني کي) موٽي اچڻو آهي ﴿٤٨﴾ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ تہ اي انسانو! بيشڪ

اِنَّمَآ اَنَا لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٤٩﴾ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

آءٌ تہ دراصل توهان جي لاءِ هڪڙو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان ﴿٤٩﴾ پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن چڱا ڪم ڪيا، انهن جي

الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٥٠﴾ وَالَّذِيْنَ سَعَوْا فِىْٓ

لاءِ بخشش ۽ عزت جي روزي آهي ﴿٥٠﴾ ۽ جن ماڻهن (پنهنجي غلط گمان موجب) اسان جي آيتن کي عاجز ڪرڻ

اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿٥١﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا

(۽ انهن کي مِٽائڻ) جي ڪوشش ڪئي، سي دوزخي آهن ﴿٥١﴾ ۽ (اي مُحمّد ﷺ!) اسان توکان اڳ جيڪو بہ رسول ۽ نبي

مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ وَّلَا نَبِيٍّ اِلَّآ اِذَا تَمَنّٰٓى اَلْقَى الشَّيْطٰنُ

موڪليو آهي، (۽ ان جي سامهون جبريل عليه السلام ايندو هو يا خواب ۾ ڪيس پيغمبري الهام ٿيندي هئي)، مگر جڏهن بہ اهو
ڪا تمنا ڪندو هو (يا الله جي ڪتاب جي تلاوت ڪندو هو) تہ شيطان سندس تمنا (يا تلاوت ۾ وسوسو) وجهندو هو.

فِيْٓ اُمْنِيَّتِهٖ ۚ فَيَنْسَخُ اللّٰهُ مَا يُلْقِى الشَّيْطٰنُ ثُمَّ يُحْكِمُ اللّٰهُ

پوءِ شيطان جيڪي وسوسا وجهندو آهي، تن کي الله مٽائي ڇڏيندو آهي. پوءِ الله تعاليٰ پنهنجين آيتن کي

اٰيٰتِهٖ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٥٢﴾ لِّيَجْعَلَ مَا يُلْقِى الشَّيْطٰنُ

محڪم ڪندو آهي ۽ الله علم وارو، حڪمت وارو آهي ﴿٥٢﴾ جيئن شيطان جي وڌل وسوسن کي انهن ماڻهن لاءِ آزمائش

فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْقَاسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ ؕ

(۽ گمراهيءَ) جو سبب ڪري، جن جي دلين ۾ (شڪ ۽ نفاق جي) بيماري آهي ۽ جن جون دليون سخت آهن

وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَفِيْ شِقَاقٍۢ بَعِيْدٍ ﴿٥٣﴾ وَّلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا

(يعني مشرڪ) ۽ بيشڪ ظالم ڏوراهين بدبختيءَ ۾ آهن ﴿٥٣﴾ ۽ جيئن ڄاڻن اهي ماڻهو جن کي (توحيد ۽ قرآن

الْعِلْمَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَيُؤْمِنُوْا بِهٖ فَتُخْبِتَ لَهٗ قُلُوْبُهُمْ ؕ

جو) علم ڏنو ويو آهي تہ اهو (احڪامن کي منسوخ ڪرڻ يا باقي رکڻ) تنهنجي ربّ جي طرفان حقّ آهي، پوءِ ان تي

وَاِنَّ اللّٰهَ لَهَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٥٤﴾ وَلَا

ايمان آڻين، پوءِ الله لاءِ سندن دليون نرم ٿين ۽ بيشڪ الله مؤمنن کي سڌي واٽ ڏيکاريندڙ آهي ﴿٥٤﴾ ۽ جيڪي ماڻهو

يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْهُ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ السَّاعَةُ

ڪافر ٿيا، اهي سدائين (شيطاني وسوسن جي ڪري) ان بابت شڪ ۾ رهندا، تانجو اوچتو مٿن قيامت اچي، يا

بَغْتَةً اَوْ يَاْتِيَهُمْ عَذَابُ يَوْمٍ عَقِيْمٍ ۝٥٥ اَلْمُلْكُ يَوْمَئِذٍ

متن (بي برڪت يعني بي نفع يعني) پاڙ پٽيندڙ ڏينهن جو عذاب اچي ۝٥٥ ان ڏينهن بادشاهي الله لاءِ هوندي.

لِّلّٰهِ ؕ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِىْ

اهو ئي (موحدن ۽ مشرڪن جي وچ ۾) فيصلو فرمائيندو، پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، اهي نعمتن (۽

جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ۝٥٦ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا فَاُولٰٓئِكَ

خوشين) وارين جنتن ۾ هوندا ۝٥٦ ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيائون، انهن لاءِ خوار خراب

لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ۝٥٧ ع وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِىْ سَبِيْلِ

ڪندڙ عذاب آهي ۝٥٧ ۽ جن (ماڻهن) الله جي واٽ ۾ (سندس رضامنديءَ جي لاءِ پنهنجي وطن ۽ پنهنجي قبيلي

اللّٰهِ ثُمَّ قُتِلُوْٓا اَوْ مَاتُوْا لَيَرْزُقَنَّهُمُ اللّٰهُ رِزْقًا حَسَنًا ؕ

مان) هجرت ڪئي، پوءِ اهي قتل ڪيا ويا، يا اهي مري ويا، الله انهن کي ضرور سهڻي روزي ڏيندو ۽ بيشڪ

وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ۝٥٨ لَيُدْخِلَنَّهُمْ مُّدْخَلًا يَّرْضَوْنَهٗ ؕ

الله ئي بهترين روزي ڏيندڙ آهي ۝٥٨ ضرور کين داخل ٿيڻ جي اهڙي جاءِ (يعني جنت) ۾ داخل ڪندو، جنهن کي

وَاِنَّ اللّٰهَ لَعَلِيْمٌ حَلِيْمٌ ۝٥٩ ذٰلِكَ ج وَمَنْ عَاقَبَ بِمِثْلِ مَا

اهي پسند ڪن ٿا ۽ بيشڪ الله (سندن نيتن کي) ڄاڻندڙ، بردبار (يعني نافرمانيءَ جي سزا ڏيڻ ۾ دير ڪندڙ) آهي ۝٥٩
اهوئي (حڪم آهي)، جيڪو ٻڌايو وڃي ٿو) ۽ جيڪو شخص ايترو بدلو وٺندو، جيترو ان سان ناحق ۽ ظلم ڪيو

عُوْقِبَ بِهٖ ثُمَّ بُغِيَ عَلَيْهِ لَيَنْصُرَنَّهُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ

ويو آهي، پوءِ (ڪيس وطن مان ڪڍي) مٿس ظلم ڪيو ويو ته ضرور الله سندس مدد ڪندو. بيشڪ الله معاف فرمائيندڙ،

غَفُوْرٌ ۝٦٠ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِى النَّهَارِ وَيُوْلِجُ

بخشڻهار آهي ۝٦٠ اها (آهي مظلوم جي مدد، جنهن جو سبب هي) آهي ته (الله تعاليٰ پنهنجي ڪامل قدرت

النَّهَارَ فِي الَّيْلِ وَ اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿٦١﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ

سان) رات کي (يا ان جي ڏيگھ کي) ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ڏينهن کي (يا ان جي ڏيگھ کي) رات ۾ داخل ڪري
ٿو ۽ هيءُ تہ الله ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي ﴿٦١﴾ اهو (جيڪي ڪجھ بيان ٿيو)، هن ڪري آهي تہ الله تعاليٰ ئي برحقّ معبود

هُوَ الْحَقُّ وَ اَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ هُوَ الْبَاطِلُ وَ

آهي ۽ هي تہ (مشرڪ) انهيءَ کان سواءِ جنهن کي بہ سڏين ٿا، اهو سڀ باطل آهي ۽ هي تہ الله تعاليٰ ئي

اَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿٦٢﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ

مٿانهين، وڏي شان وارو آهي ﴿٦٢﴾ (اي پيغمبر ﷺ!) ڇا نہ ڏٺئي تہ الله آسمان تان پاڻي لاهي ٿو. پوءِ زمين

السَّمَآءِ مَآءً ز فَتُصْبِحُ الْاَرْضُ مُخْضَرَّةً ط اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ

ساوڪ ۽ رونق واري ٿيندي آهي. بيشڪ الله (ٻانهن کي رزق ڏيڻ ۽ سندن نيتن جي باري ۾) مهربان، خبر

خَبِيْرٌ ﴿٦٣﴾ ج لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ط وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ

رکندڙ آهي ﴿٦٣﴾ جيڪي ڪجھ آسمانن ۾ ۽ جيڪي ڪجھ زمين ۾ آهي، (سڀ) سندس ئي آهي ۽ بيشڪ الله بي پرواھ

الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿٦٤﴾ ع اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ ع ٨ ١٥

(بادشاھ ۽) ساراهيل آهي ﴿٦٤﴾ (اي پيغمبر ﷺ!) ڇا نہ ڏٺئي تہ جيڪي ڪجھ زمين ۾ آهي، تنهن کي الله توهان لاءِ تابع

وَ الْفُلْكَ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِاَمْرِهٖ ط وَ يُمْسِكُ السَّمَآءَ اَنْ

ڪيو آهي ۽ سندس حڪم سان ٻيڙيون سمنڊ ۾ هلن ٿيون ۽ (الله ئي) آسمان کي روڪي ٿو تہ (مٿان) زمين جي مٿان

تَقَعَ عَلَى الْاَرْضِ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ط اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ

ڪري، پر (جيڪڏهن ان کي ان جي مٿان ڪيرائي تہ بہ) سندس اختيار ۾ آهي. بيشڪ الله ماڻهن تي يقينًا مهربان،

رَّحِيْمٌ ﴿٦٥﴾ وَهُوَ الَّذِيْٓ اَحْيَاكُمْ ز ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ط

رحم ڪندڙ آهي ﴿٦٥﴾ ۽ اهو الله ئي آهي جنهن توهان کي (مائرن جي رحمن ۾) جياريو. پوءِ توهان کي ماري ٿو، پوءِ

اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَكَفُوۡرٌ ﴿٦٦﴾ لِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلۡنَا مَنۡسَكًا هُمۡ نَاسِكُوۡهُ

توهان کي (قيامت جي ڏينهن) جياريندو. بيشڪ انسان ناشڪرو آهي ﴿٦٦﴾ اسان هر امت لاءِ هڪ شريعت مقرر فرمائي آهي،

فَلَا يُنَازِعُنَّكَ فِى الۡاَمۡرِ وَادۡعُ اِلٰى رَبِّكَ ؕ اِنَّكَ لَعَلٰى هُدًى

جنهن تي اهي عمل ڪندڙ آهن، پوءِ (مشرڪ ذبح، قرباني يا دين جي) ڪم ۾ توسان هرگز جهڳڙو نه ڪن ۽ پنهنجي ربّ

مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿٦٧﴾ وَاِنۡ جٰدَلُوۡكَ فَقُلِ اللّٰهُ اَعۡلَمُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٦٨﴾

ڏانهن (ماڻهن کي) سڏيندو رهه. بيشڪ تون ٺيءَ سڌيءَ واٽ تي آهين ﴿٦٧﴾ ۽ جيڪڏهن (ذبح جي باري ۾ مشرڪ) توسان جهڳڙو ڪن تہ
(۽ چون تہ پاڻ قرباني ڪريو تہ ۽ پاڻ ٺئي ڪاٺو ٿا) فرماءِ تہ جيڪي ڪجهہ توهان ڪريو ٿا، تنهن کي الله چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ﴿٦٨﴾

اَللّٰهُ يَحۡكُمُ بَيۡنَكُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ فِيۡمَا كُنۡتُمۡ فِيۡهِ

(۽ اي مؤمنو! ۽ اي ڪافرو!) الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن توهان جي وچ ۾ فيصلو فرمائيندو، انهن ڳالهين جي باري ۾ جن

تَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿٦٩﴾ اَلَمۡ تَعۡلَمۡ اَنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُ مَا فِى السَّمَآءِ وَ

۾ توهان اختلاف ڪريو ٿا ﴿٦٩﴾ (اي پيغمبر ﷺ!) ڇا نٿو ڄاڻين تہ الله ڄاڻي ٿو جيڪي ڪجهہ آسمان ۾ آهي ۽ جيڪي ڪجهہ

الۡاَرۡضِ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ فِىۡ كِتٰبٍ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيۡرٌ ﴿٧٠﴾

زمين ۾ آهي، بيشڪ اها ڳالهہ ڪتاب (يعني لوح محفوظ) ۾ آهي. بيشڪ اهو (يعني ان جو علم) الله تي آسان آهي ﴿٧٠﴾

وَيَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَمۡ يُنَزِّلۡ بِهٖ سُلۡطٰنًا وَّمَا

۽ (مشرڪ) الله کان سواءِ (باطل معبودن) کي پوڄين ٿا، جن جي باري ۾ الله ڪو دليل نہ لاٿو آهي ۽ نہ ڪين سندس باري ۾

لَيۡسَ لَهُمۡ بِهٖ عِلۡمٌ ؕ وَمَا لِلظّٰلِمِيۡنَ مِنۡ نَّصِيۡرٍ ﴿٧١﴾ وَاِذَا

(ڪتاب ۽ پيغمبريءَ جو) علم آهي ۽ ظالمن جو ڪو بہ مددگار نہ آهي (جيڪو ڪين عذاب کان بچائي.) ﴿٧١﴾ ۽ جڏهن مٿن

تُتۡلٰى عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ تَعۡرِفُ فِىۡ وُجُوۡهِ الَّذِيۡنَ كَفَرُوا

اسان (جي قرآن) جون روشن آيتون پڙهيون وڃن ٿيون، تون ڪافرن جي منهن تي انڪار ۽ ناپسنديدگيءَ جو اثر

الْمُنْكَرَ ؕ يَكَادُوْنَ يَسْطُوْنَ بِالَّذِيْنَ يَتْلُوْنَ عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ؕ

ڏسندو آهين. ويجهو آهي تہ جيڪي ماڻهو مٿن اسان جون آيتون پڙهن ٿا، تن تي حملو ڪن ۽ سختي ڪن .

قُلْ اَفَاُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ ذٰلِكُمْ ؕ اَلنَّارُ ؕ وَعَدَهَا اللّٰهُ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ ڇا توهان کي انهيءَ (قرآن ٻڌڻ جي پيٽ ۾) وڌيڪ بڇڙي شيءِ ٻڌايان؟ (اها دوزخ جي) باهہ

٩ ع
١٦

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ وَ بِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٧٢﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ ضُرِبَ

آهي، جنهن جو الله ڪافرن سان وعدو ڪيو آهي ۽ اها موٽڻ جي ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ﴿٧٢﴾ اي انسانو! (اي ڪافرو!) هڪ

مَثَلٌ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

مثال بيان ڪيو وڃي ٿو، پوءِ ان کي ٻڌو! بيشڪ الله کان سواءِ توهان جن کي سڏيو ٿا، اهي هڪ مَک کي بہ پيدا ڪري نٿا

لَنْ يَّخْلُقُوْا ذُبَابًا وَّلَوِ اجْتَمَعُوْا لَهٗ ؕ وَاِنْ يَّسْلُبْهُمُ

سگهن، جيتوڻيڪ انهيءَ (مقصد) لاءِ (سڀ) گڏ ٿين ۽ جيڪڏهن مَک انهن کان ڪا شيءِ کسي وڃي تہ ان کان اها بہ ڇڏائي

الذُّبَابُ شَيْـًٔا لَّا يَسْتَنْقِذُوْهُ مِنْهُ ؕ ضَعُفَ الطَّالِبُ

نہ سگهندا. طالب (يعني پوڄيندڙ) بہ هيڻو آهي تہ مطلوب (يعني بت) بہ هيڻو آهي. (يعني پوڄاري ۽ بت ٻئي هيڻا

وَالْمَطْلُوْبُ ﴿٧٣﴾ مَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ

آهن.) ﴿٧٣﴾ (انهن مشرڪن) الله (جي تعظيم ۽ معرفت) جو جيترو حقّ آهي، ايترو قدر نہ ڪيو آهي (جو اهڙين شين کي الله تعاليٰ سان عبادت ۾ شريڪ ڪري رهيا آهن، جيڪي مک کان بہ وڌيڪ هيڻيون آهن.) بيشڪ الله طاقتور (۽ عزت وارو ۽)

عَزِيْزٌ ﴿٧٤﴾ اَللّٰهُ يَصْطَفِيْ مِنَ الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا وَّ مِنَ النَّاسِ ؕ

غالب آهي ﴿٧٤﴾ الله تعاليٰ، فرشتن ۽ ماڻهن مان بہ (پيغام پهچائيندڙ پنهنجا) رسولَ چونڊيندو آهي. بيشڪ الله

اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿٧٥﴾ ج يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ

(سڀ ڪجهہ) ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي ﴿٧٥﴾ جيڪي ڪجهہ سندن اڳيان آهي، (يعني جيڪي ڪم انهن ڪيا آهن)

وَمَا خَلْفَهُمْ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٧٦﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ

۽ جيڪي ڪجهه سندن پويان آهي، (يعني جيڪي ڪم انهن نہ ڪيا آهن)، سي سڀ ڄاڻي ٿو ۽ الله ڏانهن ئي
(سڀئي) ڪمن جي عاقبت موٽائي وڃي ٿي ﴿٧٦﴾ اي ايمان وارو! رڪوع ڪريو ۽ سجدو ڪريو ۽ پنهنجي ربّ

اٰمَنُوا ارْكَعُوْا وَاسْجُدُوْا وَاعْبُدُوْا رَبَّكُمْ وَافْعَلُوا الْخَيْرَ

تعاليٰ جي عبادت ڪريو ۽ (مٺي مائٽي ڳنڍيو ۽ سهڻا اخلاق اختيار ڪريو ۽ ٻيا) ڀلائيءَ جا ڪم ڪريو، مَنَ توهين

لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٧٧﴾ ۩ السجدة وَجَاهِدُوْا فِى اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ ؕ

السجدة عند الامام الشافعي رحمه الله تعالى

ڪاميابي حاصل ڪريو ﴿٧٧﴾ ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪريو (يعني فرمانبرداريءَ جي سڀني ڪمن جي ذريعي،

هُوَ اجْتَبٰىكُمْ وَمَا جَعَلَ عَلَيْكُمْ فِى الدِّيْنِ مِنْ

خاص ڪري رزق حلال وسيلي)، جيترو جهاد ڪرڻ جو حقّ آهي. ان توهان کي چونڊيو آهي ۽ توهان لاءِ دين

حَرَجٍ ؕ مِلَّةَ اَبِيْكُمْ اِبْرٰهِيْمَ ؕ هُوَ سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِيْنَ ۙ۬

۾ ڪا تڪليف ۽ تنگي نہ رکي اٿس. پنهنجي پيءُ ابراهيم (عليه السلام) جي ملت جي (پيروي ڪريو.) الله تعاليٰ هن

مِنْ قَبْلُ وَفِىْ هٰذَا لِيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ شَهِيْدًا عَلَيْكُمْ

ڪان (يعني قرآن ڪان) اڳ (آسماني ڪتابن ۾) بہ توهان جو نالو "مسلمان" رکيو آهي ۽ هن (قرآن) ۾ بہ جيئن

وَتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ ۖۚ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا

پيغمبر (حضرت محمد ﷺ) توهان تي ۽ توهان ماڻهن تي (پيغمبرن جي پيغام پهچائڻ جي باري ۾) شاهد ٿيو.

الزَّكٰوةَ وَاعْتَصِمُوْا بِاللّٰهِ ؕ هُوَ مَوْلٰىكُمْ ۚ فَنِعْمَ الْمَوْلٰى

پوءِ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽ الله جي (دين) کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو. اهوئي توهان جو خدا آهي، پوءِ ڏاڍو چڱو

وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿٧٨﴾ ع

خدا ۽ ڏاڍو چڱو مددگار آهي ﴿٧٨﴾

آيَاتُهَا ١١٨ (٢٣) سُوۡرَةُ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ مَكِّيَّةٌ (٧٤) رُكُوۡعَاتُهَا ٦

سورة المؤمنون مڪي آهي، هن ۾ هڪ سو ارڙهن آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

مشڪل ڪي حل ۽ آسان ڪرڻ لاءِ دعا گهران ٿو، الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عبادت جي لائق، روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

قَدۡ اَفۡلَحَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ۙ﴿۱﴾ الَّذِيۡنَ هُمۡ فِيۡ صَلَاتِهِمۡ خٰشِعُوۡنَ ۙ﴿۲﴾

بيشڪ اهي مؤمن ڪامياب ٿيا ﴿۱﴾ جيڪي پنهنجي نماز ۾ (سيني عضون سان) عاجزي ڪندڙ آهن ﴿۲﴾

وَالَّذِيۡنَ هُمۡ عَنِ اللَّغۡوِ مُعۡرِضُوۡنَ ۙ﴿۳﴾ وَالَّذِيۡنَ هُمۡ لِلزَّكٰوةِ

۽ جيڪي اجائي ڳالهه (يعني شرڪ ۽ باطل يا غير الله ڪان) منهن موڙيندڙ آهن ﴿۳﴾ ۽ جيڪي زڪوٰة ڏيندڙ آهن ﴿۴﴾ ۽

فٰعِلُوۡنَ ۙ﴿۴﴾ وَالَّذِيۡنَ هُمۡ لِفُرُوۡجِهِمۡ حٰفِظُوۡنَ ۙ﴿۵﴾ اِلَّا عَلٰۤى اَزۡوَاجِهِمۡ

جيڪي پنهنجين اگهڙن جي حفاظت ڪندڙ آهن ﴿۵﴾ سواءِ پنهنجين زالن يا پنهنجين ٻانهين جي، پوءِ بيشڪ

اَوۡ مَا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُهُمۡ فَاِنَّهُمۡ غَيۡرُ مَلُوۡمِيۡنَ ۚ﴿۶﴾ فَمَنِ ابۡتَغٰى وَرَآءَ

(ساڻن صحبت ڪرڻ ۾) مٿن ملامت نہ آهي ﴿۶﴾ پوءِ جيڪو ان ڪان سواءِ (يعني پنهنجي زال يا ٻانهيءَ سان

ذٰلِكَ فَاُولٰۤئِكَ هُمُ الۡعٰدُوۡنَ ۚ﴿۷﴾ وَالَّذِيۡنَ هُمۡ لِاَمٰنٰتِهِمۡ وَعَهۡدِهِمۡ

صحبت ڪرڻ ڪان سواءِ) ٻيو رستو ڳوليندو تہ پوءِ اهي ئي ماڻهو حد ڪان لنگهڻ وارا آهن ﴿۷﴾ ۽ (پڻ ڪاميابي حاصل ڪئي
انهن ماڻهن)، جيڪي پنهنجين (ديني ۽ دنياوي) امانتن ۽ پنهنجن عهدن (۽ پنهنجن قسمن) جي پابندي ڪرڻ

رٰعُوۡنَ ۙ﴿۸﴾ وَالَّذِيۡنَ هُمۡ عَلٰى صَلَوٰتِهِمۡ يُحَافِظُوۡنَ ۘ﴿۹﴾ اُولٰۤئِكَ

وارا آهن ﴿۸﴾ ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجين نمازن تي هميشگي ڪرڻ وارا آهن ﴿۹﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي وارث

هُمُ الۡوٰرِثُوۡنَ ۙ﴿۱۰﴾ الَّذِيۡنَ يَرِثُوۡنَ الۡفِرۡدَوۡسَ ؕ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۱۱﴾

ٿيڻ وارا آهن ﴿۱۰﴾ (يعني) جيڪي جنت الفردوس جا وارث ٿيندا، اهي منجهن سدائين رهڻ وارا آهن ﴿۱۱﴾

الجزء الثامن عشر (١٨)

وقف لازم

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ سُلٰلَةٍ مِّنْ طِيْنٍ ج ﴿١٢﴾ ثُمَّ جَعَلْنٰهُ

بيشڪ اسان انسان کي مٽيءَ جي جوهر مان پيدا ڪيو، (جيڪو آدم عليه السلام جي پيڙهه هو.) ﴿١٢﴾ پوءِ سندس پيدائش

نُطْفَةً فِيْ قَرَارٍ مَّكِيْنٍ ص ﴿١٣﴾ ثُمَّ خَلَقْنَا النُّطْفَةَ عَلَقَةً فَخَلَقْنَا

(جي شروعات) نطفي مان ڪئي سون، جنهن کي محفوظ جاءِ (يعني ماءُ جي رحم) ۾ رکيوسون ﴿١٣﴾ پوءِ انهيءَ نطفي

الْعَلَقَةَ مُضْغَةً فَخَلَقْنَا الْمُضْغَةَ عِظٰمًا فَكَسَوْنَا الْعِظٰمَ

کي ڄميل رت ڪيوسون. پوءِ انهيءَ ڄميل رت کي بوٽي بڻايوسون. پوءِ اسان انهيءَ بوٽيءَ مان هڏيون پيدا ڪيون.

لَحْمًا ق ثُمَّ اَنْشَاْنٰهُ خَلْقًا اٰخَرَ ط فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخٰلِقِيْنَ ط ﴿١٤﴾

پوءِ انهن هڏين کي گوشت ڍڪايوسون. پوءِ ان کي نئين خلقت ۾ آندوسون، (يعني منجهس ساهه وڌوسون.) پوءِ
برڪت وارو آهي الله، سڀ کان سهڻي خلقت عطا ڪندڙ ﴿١٤﴾ پوءِ بيشڪ توهان انهيءَ (پوري پيدائش) کان بعد مرڻ

ثُمَّ اِنَّكُمْ بَعْدَ ذٰلِكَ لَمَيِّتُوْنَ ط ﴿١٥﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ تُبْعَثُوْنَ ﴿١٦﴾ وَ

وارا آهيو ﴿١٥﴾ پوءِ بيشڪ توهان کي (قيامت جي ڏينهن قبرن مان) جيئرو ڪري اٿاريو ويندو ﴿١٦﴾ ۽ بيشڪ اسان توهان

لَقَدْ خَلَقْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعَ طَرَآئِقَ صلے وَمَا كُنَّا عَنِ الْخَلْقِ غٰفِلِيْنَ ﴿١٧﴾

جي مٿان ست رستا (يعني ست آسمان) هڪ ٻئي جي مٿان پيدا ڪيا ۽ اسان (پنهنجي) خلق کان غافل نه آهيون ﴿١٧﴾

وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ فَاَسْكَنّٰهُ فِي الْاَرْضِ صلے وَاِنَّا عَلٰى

۽ آسمان مان اندازي مطابق پاڻي لاٿوسون، پوءِ ان کي زمين (جي چشمن) ۾ ٽڪايوسون ۽ بيشڪ اسان ان

ذَهَابٍۢ بِهٖ لَقٰدِرُوْنَ ج ﴿١٨﴾ فَاَنْشَاْنَا لَكُمْ بِهٖ جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّ

کي ختم ڪرڻ تي قدرت وارا آهيون ﴿١٨﴾ پوءِ انهيءَ پاڻيءَ سان توهان لاءِ ڪجين ۽ انگورن جا باغ اپاياسون.

اَعْنَابٍ م لَكُمْ فِيْهَا فَوَاكِهُ كَثِيْرَةٌ وَّمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿١٩﴾ لا وَشَجَرَةً

وقف لازم

منجهن توهان لاءِ گهڻا ئي ميوا آهن ۽ انهن مان ڪن کي توهان کائو ٿا ﴿١٩﴾ ۽ (انهيءَ پاڻيءَ سان زيتون جو) هڪ

تَخْرُجُ مِنْ طُوْرِ سَيْنَآءَ تَنْۢبُتُ بِالدُّهْنِ وَصِبْغٍ لِّلْاٰكِلِيْنَ ۝٢٠ وَاِنَّ

وڻ پيدا ڪيوسون (جيڪو) طور سينا مان نڪري ٿو، ان مان تيل ۽ ڪائيندڙن لاءِ ڀوڙ پيدا ٿئي ٿو ⑳ ۽ بيشڪ توهان

لَكُمْ فِي الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً ۭ نُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِيْ بُطُوْنِهَا وَلَكُمْ فِيْهَا

لاءِ جانورن (يعني ڍاچين، ڳئن ۽ ٻڪرين وغيره) ۾ (اسان جي قدرت جي نشاني ۽) عبرت (جو سامان) آهي، انهن
جي پيٽن مان توهان کي خالص کير پياريون ٿا ۽ توهان لاءِ انهن (جانورن) ۾ (بيا به) گهڻا ئي فائدا آهن ۽ توهان انهن

ع ۲۲ مَنَافِعُ كَثِيْرَةٌ وَّمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ۝٢١ وَعَلَيْهَا وَعَلَى الْفُلْكِ تُحْمَلُوْنَ ۝٢٢ وَ

جو (گوشت) کائو ٿا ㉑ ۽ انهن (جانورن) تي ۽ ٻيڙين تي (پڻ) توهان سواري ڪريو ٿا ㉒ ۽ بيشڪ اسان نوح (عليه السلام)

لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ

کي سندس قوم ڏانهن موڪليوسون. پوءِ انهيءَ چيو ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، ان کان سواءِ توهان جو

اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ۝٢٣ فَقَالَ الْمَلَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا

ڪو معبود نه آهي، ڇا پوءِ ڊڄو نٿا ㉓ پوءِ سندس قوم جي ڪافر (اشرافن ۽) سردارن چيو ته هيءُ شخص رڳو توهان وانگر

هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يُرِيْدُ اَنْ يَّتَفَضَّلَ عَلَيْكُمْ ۭ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ

هڪ انسان آهي. گهري ٿو ته توهان تي فضيلت حاصل ڪري ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته (اسان ڏانهن) ڪنهن فرشتي کي

لَاَنْزَلَ مَلٰۗىِٕكَةً ښ مَّا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيْٓ اٰبَاۗىِٕنَا الْاَوَّلِيْنَ ۝٢٤ اِنْ هُوَ

(رسول ڪري) موڪلي ها. هيءَ (توحيد جي دعوت) اسان پنهنجن اڳين ابن ڏاڏن کان ته نه ٻڌي ㉔ اهو ته رڳو هڪ چريو

اِلَّا رَجُلٌۢ بِهٖ جِنَّةٌ فَتَرَبَّصُوْا بِهٖ حَتّٰى حِيْنٍ ۝٢٥ قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ بِمَا

شخص آهي، پوءِ هڪ وقت (يعني مرڻ) تائين سندس انتظار ڪريو ㉕ (نوح عليه السلام) چيو ته منهنجا ربّ! مون کي ڪوڙو

كَذَّبُوْنِ ۝٢٦ فَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِ اَنِ اصْنَعِ الْفُلْكَ بِاَعْيُنِنَا وَوَحْيِنَا

ڪرڻ سبب (ڪين هلاڪ ڪري) منهنجي مدد ڪر ㉖ پوءِ اسان ان ڏانهن وحي موڪليو ته (غلطيءَ کان بچڻ لاءِ) اسان جي

فَاِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَفَارَ التَّنُّوْرُ ۙ فَاسْلُكْ فِيْهَا مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ

نگرانيءَ هيٺ ۽ (ترڪيب ڄاڻ لاءِ) اسان جي وحي (۽ الهام) مطابق ٻيڙي ناهه. پوءِ جڏهن اسان جو حڪم اچي ۽ (باهه

اثْنَيْنِ وَاَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ مِنْهُمْ ۚ وَلَا تُخَاطِبْنِيْ

جو) تنور اٻامي ته ٻيڙيءَ ۾ حيوانن جي هر جنس مان نر ۽ مادي ۽ پنهنجي گهر وارن (۽ ديندارن) کي سوار ڪر، مگر

فِي الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۚ اِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ ﴿٢٧﴾ فَاِذَا اسْتَوَيْتَ اَنْتَ وَمَنْ

انهن مان جن جي (هلاڪت جي) ٻاري ۾ اسان جو قول اڳ ۾ گذري چڪو آهي ۽ ظالمن (يعني پنهنجي زال ۽ پنهنجي پٽ
ڪنعان) جي ٻاري ۾ مون سان نه ڳالهاءِ، بيشڪ اهي غرق ٿيڻ وارا آهن ﴿٢٧﴾ پوءِ جڏهن تون ۽ تنهنجا ساٿي ٻيڙيءَ ۾

مَّعَكَ عَلَى الْفُلْكِ فَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ نَجّٰىنَا مِنَ الْقَوْمِ

چڱيءَ طرح سوار ٿيو ته چئو ته سڀ ساراهه الله تعاليٰ جي لاءِ آهي، جنهن اسان کي ظالم قوم کان نجات

الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٨﴾ وَقُلْ رَّبِّ اَنْزِلْنِيْ مُنْزَلًا مُّبٰرَكًا وَّاَنْتَ خَيْرُ

ڏني ﴿٢٨﴾ ۽ (ٻيڙيءَ مان لهڻ وقت) چئو ته ربّ منهنجا! مون کي بابرڪت جاءِ تي لاهه ۽ تون ئي چڱو لاهڻ وارو

الْمُنْزِلِيْنَ ﴿٢٩﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ وَّاِنْ كُنَّا لَمُبْتَلِيْنَ ﴿٣٠﴾ ثُمَّ اَنْشَاْنَا

آهين ﴿٢٩﴾ بيشڪ انهيءَ ۾ (يعني ٻيڙي ذريعي نوح عليه السلام ۽ سندس ساٿين جي نجات ۽ دشمنن جي هلاڪت جي واقعي ۾) يقينًا
(اسان جي قدرت جون) نشانيون آهن. بيشڪ اسان (ٻانهن جي) پرک ڪرڻ وارا آهيون ﴿٣٠﴾ پوءِ انهن (يعني قوم نوح عليه السلام) کان بعد

مِنْ بَعْدِهِمْ قَرْنًا اٰخَرِيْنَ ﴿٣١﴾ فَاَرْسَلْنَا فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ اَنِ

هڪ ٻي قوم (يعني قوم عاد) کي پيدا ڪيوسون ﴿٣١﴾ پوءِ منجهن انهن مان هڪڙي رسول (هود عليه السلام) کي موڪليوسون ته الله جي

اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٣٢﴾ وَقَالَ الْمَلَاُ

عبادت ڪريو. ان کان سواءِ توهان جو ڪو معبود نه آهي. ڇا پوءِ تقويٰ (توحيد ۽ اطاعت) جي واٽ نٿا وٺو ﴿٣٢﴾ ۽ ڇيو سندس

مِنْ قَوْمِهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِلِقَآءِ الْاٰخِرَةِ وَاَتْرَفْنٰهُمْ فِي

قوم جي ڪافر ۽ آخرت جي ملاقات کي ڪوڙو ڪندڙ سردارن، جن کي اسان دنيا جي زندگيءَ ۾ خوشحالي ڏني

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ مَا هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يَاْكُلُ مِمَّا تَاْكُلُوْنَ

هئي تہ هيءُ (هود عليه السلام) رڳو توهان وانگر هڪ شخص آهي، جيڪي ڪجهہ توهان کائو ٿا، هيءُ بہ اهو ئي کائي ٿو ۽

مِنْهُ وَيَشْرَبُ مِمَّا تَشْرَبُوْنَ ۝٣٣ۙ وَلَىِٕنْ اَطَعْتُمْ بَشَرًا مِّثْلَكُمْ اِنَّكُمْ

جيڪي ڪجهہ توهان پيئو ٿا، هيءُ بہ اهو ئي پيئي ٿو ﴿٣٣﴾ ۽ جيڪڏهن پاڻ جهڙي هڪ انسان جي پيروي ڪندا تہ بيشڪ

اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ۝٣٤ۙ اَيَعِدُكُمْ اَنَّكُمْ اِذَا مِتُّمْ وَكُنْتُمْ تُرَابًا وَّعِظَامًا

ان وقت توهان نقصان وارا ٿيندا ﴿٣٤﴾ ڇا توهان کي ڊيڄاري ٿو تہ جڏهن توهان مري مٽي ۽ هڏيون ٿي ويندا، تڏهن بہ

اَنَّكُمْ مُّخْرَجُوْنَ ۝٣٥ۙ هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ لِمَا تُوْعَدُوْنَ ۝٣٦ۙ اِنْ هِيَ اِلَّا

توهان کي زنده ڪيو ويندو؟ ﴿٣٥﴾ توهان سان ڪيل اهو وعدو (عقل کان) پري آهي، تمام پري ﴿٣٦﴾ زندگي تہ رڳو اسان جي

حَيَاتُنَا الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَنَحْيَا وَمَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ ۝٣٧ۙ اِنْ هُوَ اِلَّا

دنيا جي هيءَ زندگي آهي، (بس) مرون ٿا ۽ جيئون ٿا ۽ اسين ٻيهر جيئرا ٿيڻ وارا نہ آهيون ﴿٣٧﴾ اهو (هود عليه السلام) تہ

رَجُلُ ِۨافْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا وَّمَا نَحْنُ لَهٗ بِمُؤْمِنِيْنَ ۝٣٨ قَالَ رَبِّ

رڳو هڪ مرد آهي، جنهن الله تي ڪوڙو بهتان هنيو آهي ۽ اسين ڪيس مڃڻ وارا نہ آهيون ﴿٣٨﴾ (هود عليه السلام) چيو تہ ربّ

انْصُرْنِيْ بِمَا كَذَّبُوْنِ ۝٣٩ قَالَ عَمَّا قَلِيْلٍ لَّيُصْبِحُنَّ نٰدِمِيْنَ ۝٤٠ۚ

منهنجا! مون کي ڪوڙو ڪرڻ سبب (انهن ڪافرن کي هلاڪ ڪري) منهنجي مدد ڪر ﴿٣٩﴾ (الله تعاليٰ فرمايو تہ) اجهو ٿوري ئي
وقت ۾ يقينًا اهي پشيمان ٿيڻ وارا آهن ﴿٤٠﴾ پوءِ (اسان جي) حڪم مطابق انهن کي (جبرئيل عليه السلام جي) رڙ پڪڙيو. پوءِ ڪين

فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ بِالْحَقِّ فَجَعَلْنٰهُمْ غُثَاۗءً ۚ فَبُعْدًا لِّلْقَوْمِ

(هلاڪ ڪري ٻوڏ جي پاڻي جي مٿان ترندڙ) ڪکن ۽ پنن وانگر ڪري ڇڏيوسون. پوءِ ظلم ڪندڙ قوم لاءِ (الله جي

الظّٰلِمِيْنَ ۝٤١ ثُمَّ اَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قُرُوْنًا اٰخَرِيْنَ ۝٤٢ۭ مَا تَسْبِقُ

رحمت کان) دوري آهي ﴿٤١﴾ پوءِ اسان انهن کان بعد ٻيون ڪيتريون ئي قومون پيدا ڪيون ﴿٤٢﴾ ڪا بہ امت

مِنۡ اُمَّةٍ اَجَلَهَا وَمَا يَسۡتَاۡخِرُوۡنَ ﴿۴۳﴾ ثُمَّ اَرۡسَلۡنَا رُسُلَنَا تَتۡرَا ؕ

پنھنجي مقرر ڪيل مدّت کان اڳتي ۽ پوئتي نہ ٿيندي آهي ﴿۴۳﴾ پوءِ لڳاتار پنھنجا رسولَ موڪليندا رهياسون. جڏھن بہ

كُلَّمَا جَآءَ اُمَّةً رَّسُوۡلُهَا كَذَّبُوۡهُ فَاَتۡبَعۡنَا بَعۡضَهُمۡ بَعۡضًا

ڪنھن امت وٽ سندس رسول آيو، ڪيس ڪوڙو ڪيائون. پوءِ هڪ ٻئي جي پويان ڪين هلاڪ ڪيوسون ۽ ڪين (بعد ۾ ايندڙن

وَّجَعَلۡنٰهُمۡ اَحَادِيۡثَ ۚ فَبُعۡدًا لِّقَوۡمٍ لَّا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۴۴﴾ ثُمَّ اَرۡسَلۡنَا

لاءِ عبرت جو ڳيون) آکاڻيون ڪري ڇڏيوسون. پوءِ دوري آهي، ان قوم لاءِ جيڪا ايمان نٿي آڻي ﴿۴۴﴾ پوءِ موسيٰ (عليه السلام)

مُوۡسٰى وَاَخَاهُ هٰرُوۡنَ ۙ بِاٰيٰتِنَا وَسُلۡطٰنٍ مُّبِيۡنٍ ﴿۴۵﴾ ۙ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ

۽ سندس ڀاءُ هارون (عليه السلام) کي پنھنجين نشانين ۽ روشن دليل سان موڪليوسون ﴿۴۵﴾ فرعون ۽ سندس سردارن ڏانھن،

وَمَلَا۟ئِهٖ فَاسۡتَكۡبَرُوۡا وَكَانُوۡا قَوۡمًا عَالِيۡنَ ﴿۴۶﴾ ۚ فَقَالُوۡۤا اَنُؤۡمِنُ

پوءِ انھن وڏائي ڪئي ۽ اهي (اسان جي عبادت کان) تڪبّر ڪندڙ (۽ ظالم) ماڻھو هئا ﴿۴۶﴾ انھن چيو تہ ڇا پاڻ جھڙن ٻن

لِبَشَرَيۡنِ مِثۡلِنَا وَقَوۡمُهُمَا لَنَا عٰبِدُوۡنَ ﴿۴۷﴾ ۚ فَكَذَّبُوۡهُمَا فَكَانُوۡا مِنَ

انسانن تي ايمان آڻيون، جڏھن تہ سندن قوم اسان جي غلام آهي ﴿۴۷﴾ پوءِ (موسيٰ ۽ هارون ٻنھي کي ڪوڙو ڪيائون،

الۡمُهۡلَكِيۡنَ ﴿۴۸﴾ وَلَقَدۡ اٰتَيۡنَا مُوۡسَى الۡكِتٰبَ لَعَلَّهُمۡ يَهۡتَدُوۡنَ ﴿۴۹﴾ وَ

پوءِ اهي هلاڪ ٿيلن مان ٿيا ﴿۴۸﴾ ۽ بيشڪ موسيٰ کي توريت ڏنوسون، مَنَ اهي (يعني سندس قوم وارا) هدايت وٺن ﴿۴۹﴾

جَعَلۡنَا ابۡنَ مَرۡيَمَ وَاُمَّهٗۤ اٰيَةً وَّاٰوَيۡنٰهُمَاۤ اِلٰى رَبۡوَةٍ ذَاتِ قَرَارٍ

۽ مريم ۽ سندس پٽ کي هڪ نشاني بڻايوسون ۽ ٻنھي کي رهڻ جي لائق مٿانھينءَ تي ۽ وهندڙ پاڻي وٽ جاءِ

وَّمَعِيۡنٍ ﴿۵۰﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوۡا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَاعۡمَلُوۡا صَالِحًا ؕ ع ١٨ ٣

ڏني سون ﴿۵۰﴾ اي پيغمبرو! پاڪ شيون کائو ۽ نيڪ ڪم ڪريو، بيشڪ جيڪي ڪجھ توهان ڪريو ٿا، تنھن کي آءٌ

إِنِّي بِمَا تَعْمَلُونَ عَلِيمٌ ۝٥١ وَإِنَّ هَٰذِهِۦٓ أُمَّتُكُمْ أُمَّةً وَٰحِدَةً وَأَنَا

چاڻندڙ آهيان ۝٥١ ۽ بيشڪ هيءَ (اسلامي) امّت توهان جي هڪڙي امّت آهي ۽ آءٌ ئي توهان جو ربّ آهيان،

رَبُّكُمْ فَٱتَّقُونِ ۝٥٢ فَتَقَطَّعُوٓا۟ أَمْرَهُم بَيْنَهُمْ زُبُرًا ۖ كُلُّ حِزْبٍۭ بِمَا

پوءِ مون کان ڊڄو ۝٥٢ پوءِ امّتن پنهنجي پنهنجي (ديني) ڪم ڪي جدا ڪري ڇڏيو (۽ اختلاف وڌائون.) جنهن وٽ

لَدَيْهِمْ فَرِحُونَ ۝٥٣ فَذَرْهُمْ فِى غَمْرَتِهِمْ حَتَّىٰ حِينٍ ۝٥٤ أَيَحْسَبُونَ

جيڪي ڪجهه آهي، هر هڪ گروهه انهيءَ ۾ خوش آهي ۝٥٣ پوءِ (اي منهنجا حبيب ﷺ!) انهن (دشمن) کي پنهنجي (جهالت ۽ غفلت ۾) گمراهيءَ ۾ ڇڏي ڏي، تانجو (جهاد جي حڪم جو) وقت اچي ۝٥٤ ڇا (ڪافر) ڀانئين ٿا ته اسين (دنيا ۾) ڪين

أَنَّمَا نُمِدُّهُم بِهِۦ مِن مَّالٍ وَبَنِينَ ۝٥٥ نُسَارِعُ لَهُمْ فِى ٱلْخَيْرَٰتِ ۚ

مال ۽ اولاد ۾ وڌايون ٿا ۝٥٥ (ته دراصل) سندن لاءِ ڀلائين ۾ جلدي ڪريون ٿا؟ بلڪ اهي نٿا ڄاڻن (ته اها ته سندن آزمائش

بَل لَّا يَشْعُرُونَ ۝٥٦ إِنَّ ٱلَّذِينَ هُم مِّنْ خَشْيَةِ رَبِّهِم مُّشْفِقُونَ ۝٥٧

ٿي رهي آهي.) ۝٥٦ بيشڪ جيڪي ماڻهو پنهنجي ربّ جي خوف ۽ هيبت کان ڊڄڻ (۽ ڏڪڻ ۽ ڪنبڻ) وارا آهن ۝٥٧

وَٱلَّذِينَ هُم بِـَٔايَٰتِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُونَ ۝٥٨ وَٱلَّذِينَ هُم بِرَبِّهِمْ لَا

۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي ربّ جي آيتن تي ايمان رکن ٿا ۝٥٨ ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي ربّ سان (ڪنهن کي) شريڪ نٿا

يُشْرِكُونَ ۝٥٩ وَٱلَّذِينَ يُؤْتُونَ مَآ ءَاتَوا۟ وَّقُلُوبُهُمْ وَجِلَةٌ أَنَّهُمْ إِلَىٰ

ڪن ۝٥٩ ۽ جيڪي ماڻهو ڏنل (مال) مان خرچ ڪن ٿا ۽ سندن دليون ڊڄندڙ آهن ته اهي پنهنجي ربّ ڏانهن موٽندڙ آهن

رَبِّهِمْ رَٰجِعُونَ ۝٦٠ أُو۟لَٰٓئِكَ يُسَٰرِعُونَ فِى ٱلْخَيْرَٰتِ وَهُمْ لَهَا

(ته متان سندن عملُ قبول نه پون) ۝٦٠ اهي ئي ماڻهو ڀلائين ۾ جلدي ڪندڙ آهن ۽ اهي ئي انهن ۾ (پنهنجن ساٿين کان)

سَٰبِقُونَ ۝٦١ وَلَا نُكَلِّفُ نَفْسًا إِلَّا وُسْعَهَا ۖ وَلَدَيْنَا كِتَٰبٌ يَنطِقُ

سبقت ڪرڻ وارا آهن ۝٦١ ۽ اسان ڪنهن نفس کي سندس سگهه کان وڌيڪ تڪليف نٿا ڏيون ۽ اسان وٽ هڪ ڪتاب (لوح

بِالْحَقِّ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٦٢﴾ بَلْ قُلُوْبُهُمْ فِيْ غَمْرَةٍ مِّنْ هٰذَا وَ

محفوظ آهي)، جيڪو سچ ڳالهائي ٿو ۽ (ثواب ڏيڻ ۾) مٿن ظلم نہ ڪيو ويندو ﴿٦٢﴾ بلڪ ڪافرن جون دليون هن (قرآن يا

لَهُمْ اَعْمَالٌ مِّنْ دُوْنِ ذٰلِكَ هُمْ لَهَا عٰمِلُوْنَ ﴿٦٣﴾ حَتّٰٓى اِذَآ اَخَذْنَا

لوح محفوظ) کان (جهالت ۽) غفلت ۾ آهن ۽ ان کان سواءِ (مؤمنن جي پيٽ ۾) سندن ٻيا عمل آهن، جيڪي اهي ڪرڻ

مُتْرَفِيْهِمْ بِالْعَذَابِ اِذَا هُمْ يَجْـَٔرُوْنَ ﴿٦٤﴾ لَا تَجْـَٔرُوا الْيَوْمَ قف اِنَّكُمْ

وارا آهن ﴿٦٣﴾ تانجو جڏهن انهن (قريش) جي خوشحال ماڻهن کي (قتل، قيد يا سختن سالن جي ڏڪار جي) عذاب سان
پڪڙينداسون، انهيءَ وقت اهي فرياد ڪندا ﴿٦٤﴾ (کين چيو ويندو تہ) فرياد نہ ڪريو، بيشڪ اڄ توهان کي اسان جي طرفان ڪا مدد نہ

مِّنَّا لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿٦٥﴾ قَدْ كَانَتْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَكُنْتُمْ عَلٰٓى

ڏني ويندي ﴿٦٥﴾ تحقيق توهان کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائبيون هيون، پوءِ توهان انهن کان ڪڙين ڀر (پوئين پيرين)

اَعْقَابِكُمْ تَنْكِصُوْنَ ﴿٦٦﴾ مُسْتَكْبِرِيْنَ ۖ بِهٖ سٰمِرًا تَهْجُرُوْنَ ﴿٦٧﴾

پچندا هئا ﴿٦٦﴾ قرآن کان وڏائي ڪندڙ، (گهر وارن سان) رات جو آڪاڻيون ٻڌندڙ (۽ پيغمبر جي خلاف) بڪواس ڪندڙ هئا ﴿٦٧﴾

اَفَلَمْ يَدَّبَّرُوا الْقَوْلَ اَمْ جَآءَهُمْ مَّا لَمْ يَاْتِ اٰبَآءَهُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٦٨﴾

ڇا پوءِ قرآن ۾ غور نٿا ڪن، يا وٽن اها شيءِ (يعني ڪو پيغمبر يا ڪتاب) آيو آهي، جيڪو سندن اڳين ابن ڏاڏن وٽ نہ آيو هو؟ ﴿٦٨﴾

اَمْ لَمْ يَعْرِفُوْا رَسُوْلَهُمْ فَهُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿٦٩﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ بِهٖ

يا (سچائي ۽ امانت ۾ مشهور) پنهنجي رسول (ﷺ) کي نٿا سڃاڻن، پوءِ ان جا انڪاري آهن ﴿٦٩﴾ يا چون

جِنَّةٌ ۭ بَلْ جَآءَهُمْ بِالْحَقِّ وَاَكْثَرُهُمْ لِلْحَقِّ كٰرِهُوْنَ ﴿٧٠﴾ وَلَوِ اتَّبَعَ

تہ کيس چريائپ آهي؟ بلڪ انهيءَ وٽن حق (يعني قرآن) آندو آهي ۽ انهن مان گهڻا حق کان نفرت ڪندڙ آهن ﴿٧٠﴾ ۽
جيڪڏهن حق (يعني خدا تعاليٰ يا قرآن مجيد) سندن خواهشن جي پيروي ڪري ها تہ يقينًا آسمانَ ۽ زمين ۽ منجهن

الْحَقُّ اَهْوَآءَهُمْ لَفَسَدَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ وَمَنْ فِيْهِنَّ ۭ بَلْ

جيڪا مخلوق آهي، (اهي سڀ) برباد ٿي وڃن ها، بلڪ اسان انهن وٽ سندن نصيحت (جو ڪتاب يعني

اَتَيْنٰهُمْ بِذِكْرِهِمْ فَهُمْ عَنْ ذِكْرِهِمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٧١﴾ اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ

قرآن) آندو آهي، پوءِ بہ اهي پنهنجي نصيحت کان منهن موڙيندڙ آهن ﴿٧١﴾ يا تون انهن کان اجر گهرين ٿو،

خَرْجًا فَخَرَاجُ رَبِّكَ خَيْرٌ ۖ وَّهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿٧٢﴾ وَاِنَّكَ

پوءِ تنهنجي ربّ جو اجر وڌيڪ چڱو آهي ۽ اهو ئي بهترين روزي ڏيندڙ آهي ﴿٧٢﴾ ۽ بيشڪ تون انهن کي

لَتَدْعُوْهُمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٧٣﴾ وَاِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ

يقينًا سڌيءَ واٽ ڏانهن سڏين ٿو ﴿٧٣﴾ ۽ بيشڪ جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا رکن، اهي سڌي واٽ

بِالْاٰخِرَةِ عَنِ الصِّرَاطِ لَنٰكِبُوْنَ ﴿٧٤﴾ وَلَوْ رَحِمْنٰهُمْ وَكَشَفْنَا مَا بِهِمْ

کان منهن موڙڻ وارا آهن ﴿٧٤﴾ ۽ جيڪڏهن انهن تي رحم ڪريون ۽ جنهن تڪليف ۾ آهن، اها انهن کان هٽايون،

مِّنْ ضُرٍّ لَّلَجُّوْا فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿٧٥﴾ وَلَقَدْ اَخَذْنٰهُمْ

تڏهن بہ اهي پنهنجي سرڪشي ۽ گمراهيءَ ۾ پيا پٽڪندا وتندا ﴿٧٥﴾ ۽ بيشڪ اسان انهن کي (بک جي) عذاب ۾

بِالْعَذَابِ فَمَا اسْتَكَانُوْا لِرَبِّهِمْ وَمَا يَتَضَرَّعُوْنَ ﴿٧٦﴾ حَتّٰٓى اِذَا فَتَحْنَا

پڪڙيو، پوءِ بہ پنهنجي ربّ وٽ عاجزي نہ ڪيائون ۽ نڪي توبه زاري ڪن ٿا ﴿٧٦﴾ تانجو جڏهن مٿن سخت

عَلَيْهِمْ بَابًا ذَا عَذَابٍ شَدِيْدٍ اِذَا هُمْ فِيْهِ مُبْلِسُوْنَ ﴿٧٧﴾ وَهُوَ

عذاب جو دروازو کوليندا آهيون، انهيءَ وقت اهي (هر شيءِ کان) مايوس ٿي ويندا آهن ﴿٧٧﴾ اهو الله

الَّذِيْٓ اَنْشَاَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ ۭ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٨﴾

ئي آهي، جنهن توهان لاءِ ڪنَ ۽ اکيون ۽ دليون پيدا ڪيون، (تڏهن بہ) توهان گهٽ شڪر ڪريو ٿا ﴿٧٨﴾

وَهُوَ الَّذِيْ ذَرَاَكُمْ فِي الْاَرْضِ وَاِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٧٩﴾ وَهُوَ الَّذِيْ يُحْيٖ

اهو الله ئي آهي، جنهن توهان کي زمين ۾ آباد ڪيو ۽ ان ڏانهن ئي توهان کي گڏ ڪيو ويندو ﴿٧٩﴾ ۽ اهو الله ئي آهي،

وَيُمِيْتُ وَلَهُ اخْتِلَافُ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ ط اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٨٠﴾ بَلْ

جيڪو جياري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ سندس حڪم سان ئي رات ڏينهن جي اچ وڃ ٿئي ٿي، ڇا پوءِ عقل کان ڪم نٿا وٺو؟ ﴿٨٠﴾ بلڪ

قَالُوْا مِثْلَ مَا قَالَ الْاَوَّلُوْنَ ﴿٨١﴾ قَالُوْٓا ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّ

جيڪي ڳالهيون اڳين چيون هيون، هي به ساڳيون ڳالهيون چون ٿا ﴿٨١﴾ چون ٿا ته ڇا جڏهن اسين مَري مٽي ۽ هڏا ٿي

عِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ﴿٨٢﴾ لَقَدْ وُعِدْنَا نَحْنُ وَاٰبَآؤُنَا هٰذَا مِنْ

ويندا سون، ڇا واقعي (پوءِ به) اسان کي ٻيهر جياريو ويندو ﴿٨٢﴾ اهو وعدو اسان سان ۽ اسان جي ابن ڏاڏن سان

قَبْلُ اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٨٣﴾ قُلْ لِّمَنِ الْاَرْضُ وَمَنْ

اڳ ۾ به ڪيو ويو هو. اهي ته رڳو اڳين جون آکاڻيون آهن ﴿٨٣﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته زمين ۽ جيڪي شيون منجهس آهن،

فِيْهَآ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٤﴾ سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ط قُلْ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٨٥﴾

اهي ڪنهن جون آهن؟ جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا ﴿٨٤﴾ سگهوئي چوندا ته الله جون آهن. فرماءِ ته ڇا پوءِ نصيحت نٿا پرايو ﴿٨٥﴾

قُلْ مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿٨٦﴾

(اي پيغمبر! ﷺ) فرماءِ ته ستن آسمانن جو ربّ ۽ عرش عظيم جو ربّ ڪير آهي ؟ ﴿٨٦﴾

سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ط قُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٨٧﴾ قُلْ مَنْۢ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ

سگهوئي چوندا ته الله ئي (انهن جو ربّ) آهي فرماءِ ته ڇا پوءِ ڊڄو نٿا ﴿٨٧﴾ فرماءِ ڪنهن لاءِ هر شيءِ جي بادشاهي آهي ۽

شَيْءٍ وَّهُوَ يُجِيْرُ وَلَا يُجَارُ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٨﴾ سَيَقُوْلُوْنَ

اهو پناه ڏئي ٿو ۽ ان جي مقابلي ۾ ڪنهن کي پناه نٿي ڏجي؟ (ٻڌايو) جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا ﴿٨٨﴾ سگهوئي چوندا

لِلّٰهِ ط قُلْ فَاَنّٰى تُسْحَرُوْنَ ﴿٨٩﴾ بَلْ اَتَيْنٰهُمْ بِالْحَقِّ وَاِنَّهُمْ

ته اها ڪمال واري صفت) الله جي ئي آهي. فرماءِ ته پوءِ ڪٿان ٿو توهان تي جادو ڪيو وڃي (جو توحيد تي ايمان آڻڻ جي
بجاءِ دوکو کائي رهيا آهيو؟) ﴿٨٩﴾ بلڪ وٽن حقّ (يعني قرآن) آندو سون ۽ بيشڪ (پيغمبرن سڳورن کي ڪوڙو ڪندڙ) پاڻ ڪوڙا

لَكٰذِبُوْنَ ﴿٩٠﴾ مَا اتَّخَذَ اللّٰهُ مِنْ وَّلَدٍ وَّمَا كَانَ مَعَهٗ مِنْ اِلٰهٍ اِذًا

آهن ﴿٩٠﴾ الله ڪنهن کي پنهنجو پٽ نه بڻايو آهي ۽ نه ان سان گڏ ڪو معبود آهي. ان وقت ته هر خدا پنهنجي پنهنجي مخلوق

لَّذَهَبَ كُلُّ اِلٰهٍ بِمَا خَلَقَ وَلَعَلَا بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ

کي جدا ونئي وڃي ها ۽ (بادشاهن جي عادت مطابق) ٻئي، هڪ ٻئي تي چڙهت ڪن ها. پاڪ آهي، الله انهن ڳالهين کان جيڪي

عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿٩١﴾ عٰلِمِ الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ فَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٩٢﴾ قُلْ

ع ١٥ ٥

اهي ٺاهين ٿا ﴿٩١﴾ (الله ئي) ڳجهه ۽ ظاهر کي ڄاڻندڙ آهي، پوءِ جو شرڪ اهي ڪن ٿا، تنهن کان (الله) مٿانهون آهي ﴿٩٢﴾

رَّبِّ اِمَّا تُرِيَنِّيْ مَا يُوْعَدُوْنَ ﴿٩٣﴾ رَبِّ فَلَا تَجْعَلْنِيْ فِى الْقَوْمِ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته منهنجا ربّ! جيڪڏهن مون کي (عذاب) ڏيکارين، جنهن جو انهن (ڪافرن) سان وعدو ڪيو

الظّٰلِمِيْنَ ﴿٩٤﴾ وَاِنَّا عَلٰٓى اَنْ نُّرِيَكَ مَا نَعِدُهُمْ لَقٰدِرُوْنَ ﴿٩٥﴾ اِدْفَعْ بِالَّتِىْ

وڃي ٿو ﴿٩٣﴾ (ته) پوءِ ربّ منهنجا! مون کي ظالم قوم ۾ شامل نه فرماءِ ﴿٩٤﴾ ۽ بيشڪ اسين جيڪو وعدو انهن سان ڪريون ٿا،
(اي مُحَمَّد ﷺ!) جيڪڏهن تو کي اهو ڏيکاريون ته يقينًا اسين ان تي قدرت وارا آهيون ﴿٩٥﴾ برائيءَ کي سهڻي نموني سان

هِىَ اَحْسَنُ السَّيِّئَةَ ؕ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَصِفُوْنَ ﴿٩٦﴾ وَقُلْ رَّبِّ

ٽار. جيڪي ڳالهه اهي ٺاهين ٿا، اسين تنهن کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهيون ﴿٩٦﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته ربّ

اَعُوْذُ بِكَ مِنْ هَمَزٰتِ الشَّيٰطِيْنِ ﴿٩٧﴾ وَ اَعُوْذُ بِكَ رَبِّ اَنْ

منهنجا! شيطانن جي وسوسن کان تنهنجي پناهه وٺان ٿو ﴿٩٧﴾ ۽ ربّ منهنجا! تو کان پناهه گهران ٿو ته اهي مون وٽ

يَّحْضُرُوْنِ ﴿٩٨﴾ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ رَبِّ ارْجِعُوْنِ ﴿٩٩﴾

حاضر ٿين ﴿٩٨﴾ تانجو جڏهن انهن مان هڪ تي موت ايندو آهي، چوندو آهي ته ربّ منهنجا! مون کي (دنيا ۾) موٽايو ﴿٩٩﴾

لَعَلِّىْٓ اَعْمَلُ صَالِحًا فِيْمَا تَرَكْتُ كَلَّا ؕ اِنَّهَا كَلِمَةٌ هُوَ قَآئِلُهَا ؕ وَ

شايد آءٌ (توحيد ۽ تابعداري)، جيڪا مون ڇڏي آهي، ان جي بجاءِ چڱا ڪم ڪريان. هرگز نه اها هڪ (سڪٽي) ڳالهه

مِنْ وَّرَآئِهِمْ بَرْزَخٌ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ۝١٠٠ فَاِذَا نُفِخَ فِى الصُّوْرِ فَلَآ

آهي، جيڪا (مرڻ مهل) چوندڙ چوندو آهي.(۽ ائين ڪڏهن ٿيڻو نه آهي) ۽ سندن پويان (قيامت جي) ڏينهن جيئرو ٿيڻ
تائين، هڪڙو پردو (يعني قبر جي زندگي) آهي ۝١٠٠ پوءِ جڏهن (ٻيو ڀيرو) صور ۾ ڦوڪيو ويندو ته ان ڏينهن

اَنْسَابَ بَيْنَهُمْ يَوْمَئِذٍ وَّلَا يَتَسَآءَلُوْنَ ۝١٠١ فَمَنْ ثَقُلَتْ

سندن وچ ۾ نه نسب (جو فخر) هلندو ۽ نه هڪ ٻئي ڪان (نسب جي باري ۾) پڇا ڳاڇا ڪندا ۝١٠١ پوءِ (عملَ تورڻ وقت)

مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝١٠٢ وَمَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ

جنهن جا عمل ڳرا ٿيا ته اهي ئي ماڻهو ڪاميابي ماڻڻ وارا آهن ۝١٠٢ ۽ (عملَ تورڻ وقت) جنهن جا عمل هلڪا ٿيا،

فَاُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فِىْ جَهَنَّمَ خٰلِدُوْنَ ۝١٠٣ ج

ته پوءِ اهي ئي ماڻهو آهن، جن پاڻ کي نقصان ۾ وڌو، (۽ اهي ئي) جهنم ۾ هميشه رهڻ وارا آهن ۝١٠٣

تَلْفَحُ وُجُوْهَهُمُ النَّارُ وَهُمْ فِيْهَا كٰلِحُوْنَ ۝١٠٤ اَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِىْ

سندن منهن کي باهه وڪوڙي وٺندي ۽ دوزخ ۾ سندن منهن بڇڙا ۽ بگڙيل هوندا ۝١٠٤ (کين چيو ويندو ته) ڇا توهان کي منهنجيون

تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَكُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ۝١٠٥ قَالُوْا رَبَّنَا غَلَبَتْ عَلَيْنَا

آيتون پڙهي نه ٻڌائيبيون هيون، پوءِ توهان انهن کي ڪوڙو ڪندا هئا؟ ۝١٠٥ چوندا ته ربّ اسان جا! اسان تي اسان جي بدبختي

شِقْوَتُنَا وَكُنَّا قَوْمًا ضَآلِّيْنَ ۝١٠٦ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا مِنْهَا فَاِنْ

غالب ٿي ۽ اسين گمراهه قوم هئاسون ۝١٠٦ ربّ اسان جا! اسان کي هتان ٻاهر ڪڍ، ها ٿي جيڪڏهن اسين موٽون (۽ تنهنجي مخالفت

عُدْنَا فَاِنَّا ظٰلِمُوْنَ ۝١٠٧ قَالَ اخْسَـُٔوْا فِيْهَا وَلَا تُكَلِّمُوْنِ ۝١٠٨

۽ گناهه ڪريون)، ته پوءِ بيشڪ اسين ظالم آهيون ۝١٠٧ (الله تعاليٰ) فرمائيندو ته دوزخ ۾ دفع ٿيو ۽ مون سان نه ڳالهايو ۝١٠٨

اِنَّهٗ كَانَ فَرِيْقٌ مِّنْ عِبَادِىْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا

بيشڪ (حالت اها هئي جو)، منهنجن ٻانهن مان هڪڙي ٽولي چوندي هئي ته ربّ اسان جا! اسان ايمان آندو، پوءِ اسان

وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۱۰۹﴾ صلے ج فَاتَّخَذْتُمُوْهُمْ سِخْرِيًّا

جي بخشش فرماءِ ۽ اسان تي رحم فرماءِ ۽ تون ئي بهترين رحم ڪندڙ آهين ﴿۱۰۹﴾ پوءِ توهان انهن

حَتّٰىٓ اَنْسَوْكُمْ ذِكْرِيْ وَكُنْتُمْ مِّنْهُمْ تَضْحَكُوْنَ ﴿۱۱۰﴾ اِنِّيْ

سان ٺٺوليون ڪندا وتندا هئا، ايستائين جو توهان منهنجي نصيحت کي وساري ڇڏيو ۽ توهان انهن جي مٿان کلندا هئا
(۽ انهن سان مسخريون ڪندا هئا) ﴿۱۱۰﴾ بيشڪ اڄ مون انهن کي سندن صبر جو بدلو ڏنو آهي، تہ اهي ئي

جَزَيْتُهُمُ الْيَوْمَ بِمَا صَبَرُوْٓا ۙ اَنَّهُمْ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿۱۱۱﴾ قٰلَ

ماڻهو ڪاميابي ماڻڻ وارا آهن ﴿۱۱۱﴾ (ان ڪان پوءِ الله تعاليٰ آخرت جي منڪرن کي) فرمائيندو تہ توهان تعداد جي لحاظ

كَمْ لَبِثْتُمْ فِي الْاَرْضِ عَدَدَ سِنِيْنَ ﴿۱۱۲﴾ قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ

سان زمين ۾ ڪيترا سال رهيا آهيو؟ ﴿۱۱۲﴾ اهي چوندا تہ هڪ ڏينهن يا اڌ ڏينهن رهيا آهيون، پوءِ ڳڻيندڙن (يعني فرشتن)

بَعْضَ يَوْمٍ فَسْـَٔلِ الْعَآدِّيْنَ ﴿۱۱۳﴾ قٰلَ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا لَّوْ اَنَّكُمْ

کان پڇي ڏس ﴿۱۱۳﴾ (الله تعاليٰ ارشاد) فرمائيندو تہ توهان کو ٿورو ئي وقت رهيا آهيو، جيڪڏهن

كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۱۴﴾ اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّاَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا

توهان ڄاڻو ها ﴿۱۱۴﴾ ڇا پوءِ توهان ڀانيو ٿا تہ اسان توهان کي اجايو پيدا ڪيو آهي ۽ توهان کي اسان ڏانهن

تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۱۵﴾ فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ج لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ج رَبُّ الْعَرْشِ

موٽايو نہ ويندو ﴿۱۱۵﴾ پوءِ سچو بادشاهہ الله مٿانهون آهي، ان ڪان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، عزت واري عرش جو

الْكَرِيْمِ ﴿۱۱۶﴾ وَمَنْ يَّدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۙ لَا بُرْهَانَ لَهٗ بِهٖ ۙ

ربّ آهي ﴿۱۱۶﴾ ۽ جيڪو شخص الله سان گڏ ٻئي ڪي معبود سڏيندو، جنهن لاءِ وٽس ڪو دليل نہ آهي، تہ بيشڪ

فَاِنَّمَا حِسَابُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ط اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۱۱۷﴾ وَقُلْ رَّبِّ

سندس حساب ۽ بدلو سندس ربّ وٽ آهي، بيشڪ ڪافر ڪامياب ٿيڻ وارا نہ آهن ﴿۱۱۷﴾ ۽ چؤ تہ ربّ منهنجا! مغفرت

اغْفِرْ وَارْحَمْ وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿١١٨﴾ ع

فرماءِ ۽ رحم فرماءِ ۽ تون ئي سڀ کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهين ﴿١١٨﴾

(٢٤) سُوْرَةُ النُّوْرِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٢)

اٰيَاتُهَا ٦٤ رُكُوْعَاتُهَا ٩

سورة النور مدني آهي، منجهس ٦٤ آيتون ۽ ٩ رکوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله ڏانهن توجّه ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي ۽ سندس ئي نالي سان شروع ڪريان ٿو.

سُوْرَةٌ اَنْزَلْنٰهَا وَفَرَضْنٰهَا وَاَنْزَلْنَا فِيْهَآ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ لَّعَلَّكُمْ

هيءَ سورت آهي، جنهن کي اسان نازل ڪيو ۽ ان کي فرض ڪيو ۽ منجهس روشن آيتون لاٿيون، مَنَ توهان نصيحت

تَذَكَّرُوْنَ ﴿١﴾ اَلزَّانِيَةُ وَالزَّانِيْ فَاجْلِدُوْا كُلَّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا مِائَةَ

حاصل ڪريو ﴿١﴾ زنا ڪندڙ مرد ۽ زنا ڪندڙ عورت (جيڪڏهن آزاد، بالغ ۽ شادي شده نه هجي ته) ٻنهي مان

جَلْدَةٍ ۪ وَّلَا تَاْخُذْكُمْ بِهِمَا رَاْفَةٌ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ

هر هڪ کي سو ڦٽڪا هڻو ۽ توهان کي الله جي دين ۾ انهن تي نرمي ڪرڻ نه گهرجي، جيڪڏهن توهان

بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۚ وَلْيَشْهَدْ عَذَابَهُمَا طَآئِفَةٌ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢﴾

الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکو ٿا ۽ گهرجي ته مؤمنن مان هڪڙي ٽولي انهن جي عذاب کي ڏسي ﴿٢﴾

اَلزَّانِيْ لَا يَنْكِحُ اِلَّا زَانِيَةً اَوْ مُشْرِكَةً ۫ وَّالزَّانِيَةُ لَا يَنْكِحُهَآ اِلَّا

زاني مرد رڳو زاني عورت يا مشرڪ عورت سان نڪاح ڪري ۽ زاني عورت رڳو زاني مرد يا مشرڪ مرد سان

زَانٍ اَوْ مُشْرِكٌ ۚ وَحُرِّمَ ذٰلِكَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣﴾ وَالَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ

ئي نڪاح ڪري. اهو (نڪاح يا زنا) مؤمنن تي حرام ڪيو ويو آهي ﴿٣﴾ جيڪي ماڻهو آزاد پاڪدامن

الْمُحْصَنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَاْتُوْا بِاَرْبَعَةِ شُهَدَآءَ فَاجْلِدُوْهُمْ ثَمٰنِيْنَ

عورتن تي (زنا ڪرڻ جي) تهمت هڻن ٿا، پوءِ (پنهنجي دعويٰ جي سچائيءَ ۾) چار شاهد نٿا

جَلْدَةً وَّلَا تَقْبَلُوْا لَهُمْ شَهَادَةً اَبَدًا ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ۙ ﴿٤﴾

آڻين، انهن کي اسي (٨٠) ڦٽڪا هڻو ۽ سندن شاهدي ڪڏهن به قبول نه ڪريو ۽ اهي ئي گنهگار آهن ﴿٤﴾

اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَاَصْلَحُوْا ۚ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ

مگر جن ماڻهن ان کان پوءِ توبه ڪئي ۽ پنهنجي اصلاح ڪيائون ته پوءِ بيشڪ الله بخشڻهار، رحم ڪندڙ

رَّحِيْمٌ ﴿٥﴾ وَالَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ اَزْوَاجَهُمْ وَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ شُهَدَآءُ

آهي ﴿٥﴾ ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجين گهرن وارين تي زنا جي تهمت هڻن ٿا ۽ وٽن پاڻ کان سواءِ شاهد نه آهن ته انهن مان هر هڪ

اِلَّآ اَنْفُسُهُمْ فَشَهَادَةُ اَحَدِهِمْ اَرْبَعُ شَهٰدٰتٍۢ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ

جي شاهدي هيءَ آهي ته چار ڀيرا الله جو قسم کڻي چوي (جنهن سان مٿس تهمت جي حد لاڳو نه ٿيندي)، ته بيشڪ اهو (هن

الصّٰدِقِيْنَ ﴿٦﴾ وَالْخَامِسَةُ اَنَّ لَعْنَتَ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كَانَ مِنَ

معاملي ۾) سچن مان آهي ﴿٦﴾ ۽ (اهو مرد) پنجون ڀيرو (چوي) ته جيڪڏهن اهو ڪوڙو هجي ته مٿس الله جي لعنت

الْكٰذِبِيْنَ ﴿٧﴾ وَيَدْرَؤُا عَنْهَا الْعَذَابَ اَنْ تَشْهَدَ اَرْبَعَ شَهٰدٰتٍۢ

آهي ﴿٧﴾ ۽ انهيءَ (عورت) کان عذاب (يعني زنا جي حد) کي هيءَ ڳالهه روڪيندي ته چار ڀيرا الله جو قسم کڻي

بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ الْكٰذِبِيْنَ ۙ ﴿٨﴾ وَالْخَامِسَةَ اَنَّ غَضَبَ اللّٰهِ عَلَيْهَآ

چوي ته بيشڪ اهو مرد ڪوڙو آهي ﴿٨﴾ ۽ پنجون ڀيرو (چوي) ته انهيءَ عورت تي الله جو ڏمر آهي، جيڪڏهن

اِنْ كَانَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٩﴾ وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ

اهو مرد سچو آهي ﴿٩﴾ ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ رحمت نه هجي ها ۽ هي ته الله توبه قبول ڪندڙ (۽) حڪمت

وَاَنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ حَكِيۡمٌ ؏ ⑩ اِنَّ الَّذِيۡنَ جَآءُوۡ بِالۡاِفۡكِ عُصۡبَةٌ ع
وارو آهي (تہ يقيناً توهان کي خوار، خراب کري ها.) ⑩ بيشڪ جن ماڻهن (ام المؤمنين عائشه صديقه ۽ صفوان

مِّنۡكُمۡ ط لَا تَحۡسَبُوۡهُ شَرًّا لَّكُمۡ ط بَلۡ هُوَ خَيۡرٌ لَّكُمۡ ط لِكُلِّ امۡرِیٴٍ
رضي الله عنهما) تي ڪوڙو بهتان هنيو، اهي توهان مان ٿي هڪڙي ٽولي آهن، ان کي پنهنجي لاءِ برو نہ ڀانيو، بلڪ اهو توهان لاءِ چڱو
آهي، (جو ثواب جو سبب آهي ۽ جن تي بهتان هنيو ويو آهي، تن جي پاڪبازي جو موجب آهي.) انهن مان جنهن شخص جيترو گناه

مِّنۡهُمۡ مَّا اكۡتَسَبَ مِنَ الۡاِثۡمِ ج وَالَّذِىۡ تَوَلّٰى كِبۡرَهٗ مِنۡهُمۡ لَهٗ
ڪمايو، تنهن لاءِ اوترو ئي وبال آهي ۽ انهن مان جنهن انهيءَ بهتان جو وڏو بار ڪنيو (يعني منافقن جو سردار عبدالله

عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ⑪ لَوۡلَاۤ اِذۡ سَمِعۡتُمُوۡهُ ظَنَّ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ وَالۡمُؤۡمِنٰتُ
بن ابيّ)، تنهن لاءِ وڏو عذاب آهي ⑪ جڏهن توهان اهو (بهتان) ٻڌو، تہ مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن

بِاَنۡفُسِهِمۡ خَيۡرًا لا وَّقَالُوۡا هٰذَاۤ اِفۡكٌ مُّبِيۡنٌ ⑫ لَوۡلَا جَآءُوۡ
پنهنجي ٻاري ۾ چڱو گمان ڇو نہ ڪيو ۽ (ڇو نہ) چيائون تہ هيءُ پڌرو بهتان آهي؟ ⑫ انهيءَ (تهمت) جي

عَلَيۡهِ بِاَرۡبَعَةِ شُهَدَآءَ ج فَاِذۡ لَمۡ يَاۡتُوۡا بِالشُّهَدَآءِ فَاُولٰٓئِكَ
حق ۾ انهن چار شاهد ڇو نہ آندا ؟ پوءِ جڏهن انهن چار شاهد نہ آندا تہ اهي (تهمت هڻڻ وارا ماڻهو ئي)

عِنۡدَ اللّٰهِ هُمُ الۡكٰذِبُوۡنَ ⑬ وَلَوۡلَا فَضۡلُ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَتُهٗ فِى
الله وٽ ڪوڙا آهن ⑬ ۽ جيڪڏهن توهان تي دنيا ۽ آخرت ۾ الله جو فضل ۽ سندس رحمت نہ هجي ها تہ يقينًا توهان کي

الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةِ لَمَسَّكُمۡ فِىۡ مَاۤ اَفَضۡتُمۡ فِيۡهِ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ صلے ⑭ اِذۡ
ان جي ڪري وڏو عذاب پهچي ها، (يعني توهان تي الله جو فضل نہ هجي ها تہ توهان هلاڪ ٿي وڃو ها.) ⑭ جڏهن

تَلَقَّوۡنَهٗ بِاَلۡسِنَتِكُمۡ وَتَقُوۡلُوۡنَ بِاَفۡوَاهِكُمۡ مَّا لَيۡسَ لَكُمۡ بِهٖ عِلۡمٌ وَّ
پنهنجين زبانن سان پاڻ ۾ ان جو چرچو ڪري رهيا هئا ۽ پنهنجن واتن مان اها ڳالھ ڪڍي رهيا هئا، جنهن جو توهان

تَحْسَبُوْنَهٗ هَيِّنًا ۖ وَّهُوَ عِنْدَ اللّٰهِ عَظِيْمٌ ﴿١٥﴾ وَلَوْلَآ اِذْ سَمِعْتُمُوْهُ

ڪي علم نه هو ۽ ان ڪي توهان هلڪي ڳالهه سمجهي رهيا هئا ۽ الله وٽ اها وڏي ڳالهه آهي ﴿١٥﴾ ۽ جڏهن توهان اها

قُلْتُمْ مَّا يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّتَكَلَّمَ بِهٰذَا ۖ سُبْحٰنَكَ هٰذَا بُهْتَانٌ

ڳالهه ٻڌي ته توهان ڇو نه چيو ته اسان ڪي لائق (۽ حلال) نه آهي ته اها ڳالهه زبان تي آڻيون. تون پاڪ آهين. اهو ته

عَظِيْمٌ ﴿١٦﴾ يَعِظُكُمُ اللّٰهُ اَنْ تَعُوْدُوْا لِمِثْلِهٖٓ اَبَدًا اِنْ كُنْتُمْ

هڪ وڏو بهتان آهي ﴿١٦﴾ الله توهان ڪي نصيحت ڪري ٿو ته جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو ته (آئنده) ڪڏهن به اهڙي

مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٧﴾ ج وَيُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١٨﴾ اِنَّ

(بهتان بازي) وري نه ڪندا ﴿١٧﴾ ۽ الله توهان لاءِ پنهنجيون آيتون روشن ڪري ٿو ۽ الله (ام المؤمنين عائشه صديقه رضہ جي
معاملي) ڪي وڏيڪ ڄاڻندڙ (۽ سندس پاڪدامنيءَ بابت حڪم لاهڻ جي باري ۾) حڪمت وارو آهي ﴿١٨﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو

الَّذِيْنَ يُحِبُّوْنَ اَنْ تَشِيْعَ الْفَاحِشَةُ فِي الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَهُمْ عَذَابٌ

هن ڳالهه ڪي پسند ڪن ٿا ته ايمان وارن ۾ بي حيائي (يعني زنا) پکڙجي، تن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڏکوئيندڙ

اَلِيْمٌ ۙ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۭ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٩﴾ وَلَوْ

عذاب آهي ۽ الله (توهان جي بهتان بازي جي برائيءَ ڪي) ڄاڻي ٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو ﴿١٩﴾ ۽ جيڪڏهن

لَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ وَاَنَّ اللّٰهَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٠﴾ ع

توهان تي الله جو فضل ۽ سندس رحمت نه هجي ها (ته نقصان پهچي ها.) ۽ هيءُ ته الله مهربان، رحم ڪندڙ آهي ﴿٢٠﴾

النصف ع ٩

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ۭ وَمَنْ يَّتَّبِعْ

اي ايمان وارو! شيطان جي رستن جي پيروي نه ڪريو ۽ جيڪو شيطان جي رستن جي پيروي ڪندو ته پوءِ

خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ فَاِنَّهٗ يَاْمُرُ بِالْفَحْشَاۗءِ وَالْمُنْكَرِ ۭ وَلَوْلَا فَضْلُ

بيشڪ شيطان بي حيائي ۽ (الله جي) نافرمانيءَ جو حڪم ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل

اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ مَا زَكٰى مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَبَدًا ۙ وَّلٰكِنَّ اللّٰهَ

۽ سندس رحمت نہ هجي ها تہ توهان مان هرگز هڪ شخص ڪي بہ (گناهہ کان پاڪ) نہ ڪري ها ۽ پر الله جنهن

يُزَكِّيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢١﴾ وَلَا يَاْتَلِ اُولُوا الْفَضْلِ

کي گهري تہ پاڪ ڪري ٿو ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي ﴿٢١﴾ ۽ گهرجي تہ توهان مان فضل ۽ ڪشادگيءَ وارا (يعني

مِنْكُمْ وَالسَّعَةِ اَنْ يُّؤْتُوْٓا اُولِي الْقُرْبٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَالْمُهٰجِرِيْنَ فِيْ

ابوبڪر صديق رضي الله عنہ) قسم نہ کڻن تہ پنهنجن ويجهن مٽن مائٽن (يعني پنهنجي ماسات مسطح) ۽ مسڪينن ۽ الله جي واٽ

سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ وَلْيَعْفُوْا وَلْيَصْفَحُوْا ؕ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ؕ

۾ هجرت ڪندڙن تي خرچ نہ ڪندا. ڪين گهرجي تہ معاف ڪن ۽ (ٻين جي غلطين کي) بخشي ڇڏين، ڇا نٿا پسند ڪريو تہ

وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٢﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ الْغٰفِلٰتِ

الله توهان کي بخشي ۽ الله بخشڻهار رحم ڪندڙ آهي ﴿٢٢﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو پاڪدامن، پرهيزگار، بي خبر

الْمُؤْمِنٰتِ لُعِنُوْا فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۖ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٣﴾ ۙ يَّوْمَ

مؤمنياڻين تي تهمت هڻن ٿا، تن تي دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت ڪئي وئي آهي ۽ سندن لاءِ وڏو عذاب آهي ﴿٢٣﴾ (قيامت جي)

تَشْهَدُ عَلَيْهِمْ اَلْسِنَتُهُمْ وَاَيْدِيْهِمْ وَاَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا

ڏينهن سندن خلاف سندن زبانون ۽ سندن هٿ ۽ سندن پير اُنهن ڪمن جي باري ۾ شاهدي ڏيندا، جيڪي اهي

يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٤﴾ يَوْمَئِذٍ يُّوَفِّيْهِمُ اللّٰهُ دِيْنَهُمُ الْحَقَّ وَيَعْلَمُوْنَ اَنَّ

(دنيا ۾) ڪن ٿا ﴿٢٤﴾ ان ڏينهن الله کين سندن عملن جو پورو (۽) نيڪ نيڪ بدلو ڏيندو ۽ کين معلوم ٿيندو تہ اهو الله ئي

اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ الْمُبِيْنُ ﴿٢٥﴾ اَلْخَبِيْثٰتُ لِلْخَبِيْثِيْنَ وَالْخَبِيْثُوْنَ

پڌرو حقّ آهي (جنهن جي سچائيءَ ۽ غلبي ۾ شڪ نہ آهي) ﴿٢٥﴾ ناپاڪ عورتون ناپاڪ مردن لاءِ ۽ ناپاڪ مرد ناپاڪ عورتن لاءِ

لِلْخَبِيْثٰتِ ۚ وَالطَّيِّبٰتُ لِلطَّيِّبِيْنَ وَالطَّيِّبُوْنَ لِلطَّيِّبٰتِ ۚ اُولٰٓئِكَ

آهن ۽ پاڪ عورتون پاڪ مردن لاءِ ۽ پاڪ مرد پاڪ عورتن لاءِ آهن، جيڪي ڳالهيون (عائشه صديقه ۽ صفوان بن معطل رضي

٣ ع ٢ ٩ مُبَرَّءُوْنَ مِمَّا يَقُوْلُوْنَ ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٢٦﴾ ع يٰٓاَيُّهَا

الله عنهما جي باري ۾ بهتان هڻندڙ) چون ٿا، تن کان اهي پاڪ آهن. سندن لاءِ بخشش ۽ عزت واري روزي آهي ﴿٢٦﴾ اي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُيُوْتًا غَيْرَ بُيُوْتِكُمْ حَتّٰى تَسْتَاْنِسُوْا

ايمان وارو! پنهنجن گهرن کان سواءِ ٻين جي گهرن ۾ داخل نه ٿيو، تانجو اجازت وٺو ۽ گهر وارن تي سلام ڪريو

وَتُسَلِّمُوْا عَلٰٓى اَهْلِهَا ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٧﴾

(يعني اجازت وارو سلام ڪيو)، اها ڳالهه توهان لاءِ وڌيڪ چڱي آهي. مَنَ توهان نصيحت حاصل ڪريو ﴿٢٧﴾

فَاِنْ لَّمْ تَجِدُوْا فِيْهَآ اَحَدًا فَلَا تَدْخُلُوْهَا حَتّٰى يُؤْذَنَ لَكُمْ ۚ

پوءِ جيڪڏهن انهن (گهرن) ۾ ڪنهن کي نه لهو، (جيڪو توهان کي اندر اچڻ جي اجازت ڏي) ته داخل نه ٿيو، تانجو

وَاِنْ قِيْلَ لَكُمُ ارْجِعُوْا فَارْجِعُوْا هُوَ اَزْكٰى لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا

توهان کي اجازت ملي ۽ جيڪڏهن توهان کي چئجي ته موٽي وڃو ته پوءِ موٽي وڃو. اهو (موٽي وڃڻ)

تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٨﴾ لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَدْخُلُوْا بُيُوْتًا غَيْرَ

توهان لاءِ وڌيڪ پاڪبازي وارو (۽ چڱو) ڪم آهي (جو ليلائيندا رهو) ۽ جيڪي ڪجهه توهان ڪريو ٿا، تنهن
کي الله ڄاڻندڙ آهي ﴿٢٨﴾ توهان تي ڪو حرج نه آهي ته انهن گهرن ۾ داخل ٿيو، جن ۾ ڪو رهندڙ نه هجي (۽) اتي توهان

مَسْكُوْنَةٍ فِيْهَا مَتَاعٌ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا

جو سامان ۽ اسباب هجن ۽ جيڪي ڪجهه توهان ظاهر ڪريو ٿا ۽ جيڪي ڪجهه توهان لڪايو ٿا، تنهن کي الله

تَكْتُمُوْنَ ﴿٢٩﴾ قُلْ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ وَيَحْفَظُوْا

ڄاڻي ٿو ﴿٢٩﴾ (اي رسولن جا سردار ﷺ!) مؤمن مردن کي فرماءِ ته (حرام ڪان) پنهنجين نگاهن کي هيٺ رکن ۽

فُرُوۡجَهُمۡ ؕ ذٰلِكَ اَزۡكٰى لَهُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيۡرٌۢ بِمَا يَصۡنَعُوۡنَ ﴿٣٠﴾ وَ

(زناڪاريءَ کان) پنهنجين اگھڙن جي حفاظت ڪن. اهو (نگاهن جو هيٺ رکڻ ۽ اگھڙن جي حفاظت ڪرڻ)، انهن ڪي
سڀ کان وڌيڪ پاڪ رکندڙ آهي. بيشڪ جيڪي ڪم اهي ڪن ٿا، الله انهن جي خبر رکندڙ آهي ﴿٣٠﴾ ۽ مؤمن

قُلۡ لِّلۡمُؤۡمِنٰتِ يَغۡضُضۡنَ مِنۡ اَبۡصَارِهِنَّ وَيَحۡفَظۡنَ فُرُوۡجَهُنَّ

عورتن کي فرماءِ ته (بد نگاهيءَ کان)پنهنجين نظرن کي هيٺ رکن ۽ (زنا کان) پنهنجين اگھڙن جي حفاظت

وَلَا يُبۡدِيۡنَ زِيۡنَتَهُنَّ اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنۡهَا وَلۡيَضۡرِبۡنَ بِخُمُرِهِنَّ

ڪن ۽ پنهنجي زينت (۽ سونهن جي جاين)کي ظاهر نه ڪن، مگر جو ڪجهه پاڻ ظاهر ٿئي (مثلاً چادر ۽ ڪپڙي

عَلٰى جُيُوۡبِهِنَّ ۖ وَلَا يُبۡدِيۡنَ زِيۡنَتَهُنَّ اِلَّا لِبُعُوۡلَتِهِنَّ اَوۡ

جو اڳر وغيره) ۽ گھرجي ته پنهنجن سينن تي پنهنجون چادرون وجهن ۽ پنهنجي زينت (۽ سونهن وارين

اٰبَآئِهِنَّ اَوۡ اٰبَآءِ بُعُوۡلَتِهِنَّ اَوۡ اَبۡنَآئِهِنَّ اَوۡ اَبۡنَآءِ بُعُوۡلَتِهِنَّ

جاين کي) ڪنهن جي سامهون ظاهر نه ڪن، مگر پنهنجن مڙسن يا پنهنجن پيئرن يا پنهنجن سهرن يا پنهنجن

اَوۡ اِخۡوَانِهِنَّ اَوۡ بَنِىۡۤ اِخۡوَانِهِنَّ اَوۡ بَنِىۡۤ اَخَوٰتِهِنَّ اَوۡ نِسَآئِهِنَّ اَوۡ

پٽن يا پنهنجن مڙسن جي (اڳ ڄاون) پٽن يا پنهنجن ڀائرن يا پنهنجن ڀائٽين يا پنهنجن ڀاڻيجن يا پنهنجين

مَا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُهُنَّ اَوِ التّٰبِعِيۡنَ غَيۡرِ اُولِى الۡاِرۡبَةِ مِنَ الرِّجَالِ

(مسلمان) عورتن يا جن جون اهي مالڪ آهن (يعني پنهنجن ٻانهن) يا خادمن (۽ نوڪرن چاڪرن جي)

اَوِ الطِّفۡلِ الَّذِيۡنَ لَمۡ يَظۡهَرُوۡا عَلٰى عَوۡرٰتِ النِّسَآءِ ۖ وَلَا يَضۡرِبۡنَ

جيڪي عورتن جي خواهش نٿا رکن يا انهن ٻارن جي اڳيان، جيڪي عورتن جي اگھڙن کان واقف نه ٿيا آهن

بِاَرۡجُلِهِنَّ لِيُعۡلَمَ مَا يُخۡفِيۡنَ مِنۡ زِيۡنَتِهِنَّ ؕ وَتُوۡبُوۡۤا اِلَى اللّٰهِ

۽ پنهنجا پير (زمين تي اهڙيءَ طرح) نه هڻن، جو سندن لڪايل زينت (زيور وغيره) ظاهر ٿئي ۽ اي مؤمنو!

جَمِيْعًا اَيُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٣١﴾ وَاَنْكِحُوا الْاَيَامٰى

الله وٽ سڀ گڏجي توبه ڪريو، مَنَ توهان ڪامياب ٿيو ﴿٣١﴾ ۽ پنهنجين رنن زالن ۽ پنهنجن نيڪ ٻانهن ۽ ٻانهين

مِنْكُمْ وَالصّٰلِحِيْنَ مِنْ عِبَادِكُمْ وَاِمَآئِكُمْ ۭ اِنْ يَّكُوْنُوْا فُقَرَآءَ

جو نڪاح ڪرايو. جيڪڏهن (نڪاح ڪرڻ کان اڳ) اهي مسڪين هوندا ته الله پنهنجي فضل سان کين خوشحال ڪندو.

يُغْنِهِمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۭ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٣٢﴾ وَلْيَسْتَعْفِفِ الَّذِيْنَ

بيشڪ الله (ڏاڍو) ڪشادو (سڀ ڪجھ) ڄاڻندڙ آهي ﴿٣٢﴾ ۽ جيڪي ماڻهو نڪاح (يعني مهر، خرچ وغيره) جي سگهه نٿا

لَا يَجِدُوْنَ نِكَاحًا حَتّٰى يُغْنِيَهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۭ وَالَّذِيْنَ

رکن، تن کي گهرجي ته (حرام کان) بچن، تانجو الله پنهنجي فضل سان کين خوشحال ڪري ۽ توهان جا (ٻانها ۽ ٻانهيون)

يَبْتَغُوْنَ الْكِتٰبَ مِمَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ فَكَاتِبُوْهُمْ اِنْ عَلِمْتُمْ

جيڪي رقم ڏئي (توهان کان) آزادي گهرن ٿا، جيڪڏهن منجهن ڀلائي، (سچائي ۽ امانت) ڏسو ته ساڻن آزاديءَ جو

فِيْهِمْ خَيْرًا ۖ وَّاٰتُوْهُمْ مِّنْ مَّالِ اللّٰهِ الَّذِيْٓ اٰتٰىكُمْ ۭ وَلَا

معاملو ڪريو ۽ کين الله جي مال (يعني زڪوٰة ۽ ٻانهن جي آزاديءَ جي مَدَ) مان ڪجهه ڏيو، جيڪو ان توهان کي ڏنو

تُكْرِهُوْا فَتَيٰتِكُمْ عَلَى الْبِغَاۗءِ اِنْ اَرَدْنَ تَحَصُّنًا لِّتَبْتَغُوْا عَرَضَ

آهي ۽ پنهنجين ٻانهين کي، جيڪڏهن پاڪدامن رهڻ گهرن، دنياوي زندگيءَ جا فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ بدڪاري ڪرڻ

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۭ وَمَنْ يُّكْرِهْهُّنَّ فَاِنَّ اللّٰهَ مِنْۢ بَعْدِ اِكْرَاهِهِنَّ

تي مجبور نه ڪريو ۽ جيڪو کين (دنيا ۽ دولت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪڏي ڪم ڪرڻ تي) مجبور ڪندو ته پوءِ بيشڪ الله سندن

غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣٣﴾ وَلَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ اٰيٰتٍ مُّبَيِّنٰتٍ وَّمَثَلًا مِّنَ الَّذِيْنَ

مجبوريءَ کان پوءِ بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ﴿٣٣﴾ ۽ بيشڪ اسان توهان ڏانهن (حدن جي حڪمن جي باري ۾) روشن

خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ وَمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٣٤﴾ اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَ

آيتون ۽ پرهيزگارن لاءِ توهان کان اڳين ماڻهن جا مثال ۽ نصيحت لاٿي آهي. ﴿٣٤﴾ الله آسمانن ۽ زمين جو نور آهي. (مؤمنن

الْاَرْضِ ۗ مَثَلُ نُوْرِهٖ كَمِشْكٰوةٍ فِيْهَا مِصْبَاحٌ ۗ اَلْمِصْبَاحُ فِيْ

جي دلين ۾) سندس نور جو مثال هڪڙي جاري وانگر آهي، جنهن ۾ ڏيئو هجي ۽ ڏيئو هڪ قنديل (يعني فانوسي) ۾ هجي

زُجَاجَةٍ ۗ اَلزُّجَاجَةُ كَاَنَّهَا كَوْكَبٌ دُرِّيٌّ يُّوْقَدُ مِنْ شَجَرَةٍ مُّبٰرَكَةٍ

۽ قنديل (اهڙو ته صاف شفاف) هجي، ڄڻ ته چمڪندڙ تارو آهي، جنهن ۾ هڪ مبارڪ وڻ زيتون جو تيل ٻري، جيڪو نه

زَيْتُوْنَةٍ لَّا شَرْقِيَّةٍ وَّلَا غَرْبِيَّةٍ ۙ يَّكَادُ زَيْتُهَا يُضِيْٓءُ وَلَوْ لَمْ

اڀرندي پاسي هجي ۽ نه الهندي پاسي (بلڪ سدائين سج جي روشنيءَ سان منور هجي. اٿين معلوم ٿئي ته) ان جي تيل

تَمْسَسْهُ نَارٌ ۗ نُوْرٌ عَلٰى نُوْرٍ ۗ يَهْدِى اللّٰهُ لِنُوْرِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۗ وَ

کي جيتوڻيڪ باهه نه ڇُهي، تڏهن به پاڻ ٻرندو رهي ٿو. نور مٿان نور آهي. الله پنهنجي نور (يعني اسلام) ڏانهن جنهن

يَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ لِلنَّاسِ ۗ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٣٥﴾ فِيْ

کي گهري ٿو، هدايت ڏئي ٿو ۽ الله ماڻهن لاءِ مثال بيان ڪري ٿو ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ﴿٣٥﴾ (۽ اهو ڏيئو الله جي)

بُيُوْتٍ اَذِنَ اللّٰهُ اَنْ تُرْفَعَ وَيُذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ ۙ يُسَبِّحُ لَهٗ فِيْهَا

گهرن (يعني مسجدن) کي (روشن ڪري ٿو)، جن بابت الله حڪم فرمايو آهي ته انهن ۾ سندس نالو بلند ڪجي ۽ کيس ياد

بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ ﴿٣٦﴾ رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ

ڪجي. اتي صبح ۽ شام الله جي تسبيح ڪئي وڃي ﴿٣٦﴾ کي ماڻهو آهن، جن کي الله جي ذڪر ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ ۽ زڪوٰة

ذِكْرِ اللّٰهِ وَاِقَامِ الصَّلٰوةِ وَاِيْتَآءِ الزَّكٰوةِ ۙ يَخَافُوْنَ يَوْمًا تَتَقَلَّبُ

ڏيڻ کان نه واپار غفلت ۾ وجهي ٿو ۽ نه ڏيتي ليتي. اهي ماڻهو ان ڏينهن کان ڊڄن ٿا، جنهن ۾ دليون (نجات

فِيْهِ الْقُلُوْبُ وَالْاَبْصَارُ ﴿٣٧﴾ لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا عَمِلُوْا وَ

جي اميد ۾ هلاڪت جي خوف وچان) ڏڪنديون ۽ اکيون (مٿي ڦوتارجي ويندون (تہ اعمالنامو ساڄي هٿ ۾ ملي ٿو يا ڪابي هٿ ۾ ؟)
﴿٣٧﴾ جيئن الله (نيڪ ماڻهن کي) سندن ڪيل ڪمن جو سهڻو بدلو ڏي ۽ پنهنجي فضل سان کين وڌائي (يعني بلند درجا عطا ڪري،

يَزِيْدَهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٣٨﴾ وَ

جن تائين ماڻهو پنهنجن عملن سان پهچي نہ سگهندا.) ۽ الله جنهن کي گهري ٿو، بغير حساب جي روزي ڏئي ٿو ﴿٣٨﴾ ۽

الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اَعْمَالُهُمْ كَسَرَابٍۭ بِقِيْعَةٍ يَّحْسَبُهُ الظَّمْاٰنُ مَآءً ؕ

جن ماڻهن ڪفر ڪيو، تن جا عمل رڻ پٽ جي رُڃَ وانگر آهن، جنهن کي اڃيو پاڻي ڀائيندو آهي، تانجو جڏهن

حَتّٰۤى اِذَا جَآءَهٗ لَمْ يَجِدْهُ شَيْـًٔا وَّوَجَدَ اللّٰهَ عِنْدَهٗ فَوَفّٰىهُ

اتي پهچندو آهي تہ ڪا شيءِ نہ لهندو آهي ۽ پاڻ وٽ الله (جي موڪليل فرشتن) کي لهندو آهي. پوءِ اهو کيس

حِسَابَهٗ ؕ وَاللّٰهُ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿٣٩﴾ لا اَوْ كَظُلُمٰتٍ فِيْ بَحْرٍ لُّجِّيٍّ

پورو پور حساب ڏيندو آهي ۽ الله جلد حساب وٺندڙ آهي ﴿٣٩﴾ يا (ڪافرن جي عملن جو مثال) سمنڊ جي اونهي ۽ گهري

يَّغْشٰىهُ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ سَحَابٌ ؕ ظُلُمٰتٌۢ

پاڻيءَ جي اونداهين وانگر آهي، جن تي موج جي مٿان موج هجي، جن جي مٿان ڪڪر هجن. اونداهيون هڪ ٻئي

بَعْضُهَا فَوْقَ بَعْضٍ ؕ اِذَاۤ اَخْرَجَ يَدَهٗ لَمْ يَكَدْ يَرٰىهَا ؕ وَمَنْ

جي مٿان ستيل هجن. جڏهن اهو پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍي تہ (انهن اونداهين جي ڪري) ان کي ڏسي نہ

لَّمْ يَجْعَلِ اللّٰهُ لَهٗ نُوْرًا فَمَا لَهٗ مِنْ نُّوْرٍ ﴿٤٠﴾ ع اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُسَبِّحُ ع ٥/٦

سگهي ۽ جنهن کي الله (دنيا ۾ هدايت ۽) نور نہ ڏي، تنهن لاءِ ڪو نور نہ آهي ﴿٤٠﴾ ڇا تو نہ ڏٺو تہ جيڪا (مخلوق) آسمانن ۽

لَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَالطَّيْرُ صٰٓفّٰتٍ ؕ كُلٌّ قَدْ عَلِمَ

زمين ۾ آهي ۽ (پڻ) پَرَ پکيڙي اڏامندڙ پکي بہ الله جي تسبيح ڪن ٿا . هر هڪ پنهنجي پنهنجي نماز ۽ تسبيح

صَلَاتَهٗ وَ تَسۡبِيۡحَهٗ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌۢ بِمَا يَفۡعَلُوۡنَ ﴿٤١﴾ وَلِلّٰهِ مُلۡكُ

چاڻي چڪو آهي ۽ جيڪي ڪم اهي ڪن ٿا، تن کي الله ڄاڻندڙ آهي ﴿٤١﴾ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي

السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ۚ وَاِلَى اللّٰهِ الۡمَصِيۡرُ ﴿٤٢﴾ اَلَمۡ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُزۡجِىۡ

الله لاءِ آهي ۽ (سڀني کي) الله ڏانهن موٽڻو آهي ﴿٤٢﴾ ڇا نه ڏٺئي ته الله تعاليٰ ڪڪرن کي هلائي ٿو ، پوءِ

سَحَابًا ثُمَّ يُؤَلِّفُ بَيۡنَهٗ ثُمَّ يَجۡعَلُهٗ رُكَامًا فَتَرَى الۡوَدۡقَ

انهن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو. پوءِ انهن کي (تهن وانگر) هڪ ٻئي جي مٿان سٽي ٿو. پوءِ انهن مان مينهن

يَخۡرُجُ مِنۡ خِلٰلِهٖ ۚ وَيُنَزِّلُ مِنَ السَّمَآءِ مِنۡ جِبَالٍ فِيۡهَا مِنۡۢ

وسندي ڏسين ٿو ۽ (الله) آسمان تان ڳڙن جا جبل لاهي ٿو. پوءِ جنهن تي گهري ٿو، اهي (ڳڙا) وسائي

بَرَدٍ فَيُصِيۡبُ بِهٖ مَنۡ يَّشَآءُ وَيَصۡرِفُهٗ عَنۡ مَّنۡ يَّشَآءُ ؕ يَكَادُ سَنَا

(کيس هلاڪ ڪري) ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو، ان کي ان کان بچائي ٿو. ويجهو آهي ته کنوڻ (۽ وڄ) جي چمڪ اکين

بَرۡقِهٖ يَذۡهَبُ بِالۡاَبۡصَارِ ﴿٤٣﴾ ؕ يُقَلِّبُ اللّٰهُ الَّيۡلَ وَالنَّهَارَ ؕ اِنَّ فِىۡ

جي روشنيءَ کي ختم ڪري ڇڏي ﴿٤٣﴾ الله تعاليٰ رات ۽ ڏينهن کي بدلائي ٿو (۽ انهن کي گهٽ وڌ ڪري ٿو.)

ذٰلِكَ لَعِبۡرَةً لِّاُولِى الۡاَبۡصَارِ ﴿٤٤﴾ وَاللّٰهُ خَلَقَ كُلَّ دَآبَّةٍ مِّنۡ مَّآءٍ ۚ

بيشڪ انهيءَ ۾ عقلمندن لاءِ يقينًا عبرت آهي ﴿٤٤﴾ ۽ الله هر جاندار کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيو. انهن مان ڪو پيٽ

فَمِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّمۡشِىۡ عَلٰى بَطۡنِهٖ ۚ وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّمۡشِىۡ عَلٰى رِجۡلَيۡنِ ۚ

ڀر هلي ٿو (جهڙوڪ نانگ ۽ مڇي) ۽ انهن مان ڪو ٻن پيرن تي هلي ٿو (جهڙوڪ انسان، جنّ ۽ پکي) ۽ انهن مان

وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّمۡشِىۡ عَلٰٓى اَرۡبَعٍ ؕ يَخۡلُقُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

ڪو چئن پيرن تي هلي ٿو (جهڙوڪ جانور.) الله جيڪي ڪجھ گهري ٿو، سو پيدا ڪري ٿو. بيشڪ الله هر شيءِ

عَلٰى كُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرٌ ﴿٤٥﴾ لَقَدۡ اَنۡزَلۡنَاۤ اٰیٰتٍ مُّبَیِّنٰتٍ ؕ وَاللّٰهُ یَهۡدِیۡ

تي قدرت رکندڙ آهي ﴿٤٥﴾ بيشڪ اسان (قرآن مجيد جون) روشن آيتون لاٿيون آهن ۽ الله جنهن کي گهري ٿو، سڌي

مَنۡ یَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِیۡمٍ ﴿٤٦﴾ وَیَقُوۡلُوۡنَ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ

واٽ ڏيکاري ٿو ﴿٤٦﴾ ۽ (منافق) چون ٿا ته الله ۽ (سندس) رسول (محمد ﷺ) تي ايمان آندوسون ۽ (سندن) تابعداري

بِالرَّسُوۡلِ وَاَطَعۡنَا ثُمَّ یَتَوَلّٰى فَرِیۡقٌ مِّنۡهُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ ذٰلِكَ ؕ وَ

ڪئي سون، وري ان کان پوءِ انهن مان هڪڙي ٽولي (رسول الله ﷺ جن جي حڪم کان) منهن موڙي ٿي ۽

مَاۤ اُولٰٓئِكَ بِالۡمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿٤٧﴾ وَاِذَا دُعُوۡۤا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ لِیَحۡكُمَ

اهي مؤمن نه آهن ﴿٤٧﴾ ۽ جڏهن کين الله ۽ سندس رسول (ﷺ) ڏانهن سڏبو آهي، جيئن سندن وچ ۾ فيصلو فرمائي

بَیۡنَهُمۡ اِذَا فَرِیۡقٌ مِّنۡهُمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ ﴿٤٨﴾ وَاِنۡ یَّكُنۡ لَّهُمُ الۡحَقُّ یَاۡتُوۡۤا

ته ان وقت انهن مان هڪڙي ٽولي منهن موڙيندي آهي ﴿٤٨﴾ ۽ جيڪڏهن سندن لاءِ حقّ هوندو آهي ته تابعدار ٿي ان ڏانهن

اِلَیۡهِ مُذۡعِنِیۡنَ ﴿٤٩﴾ اَفِیۡ قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ اَمِ ارۡتَابُوۡۤا اَمۡ یَخَافُوۡنَ

ايندا آهن ﴿٤٩﴾ ڇا (حضرت محمد ﷺ جن جي نبوت جي باري ۾) سندن دلين ۾ بيماري (يعني نفاق يا شڪ) آهي، يا

اَنۡ یَّحِیۡفَ اللّٰهُ عَلَیۡهِمۡ وَرَسُوۡلُهٗ ؕ بَلۡ اُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوۡنَ ﴿٥٠﴾ ع

ڊڄي رهيا آهن ته الله ۽ سندس رسول (ﷺ) انهن تي ظلم ڪندو؟ بلڪ اهي ماڻهو پاڻ ئي ظالم آهن ﴿٥٠﴾

اِنَّمَا كَانَ قَوۡلَ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ اِذَا دُعُوۡۤا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ لِیَحۡكُمَ

دراصل جڏهن مؤمنن کي الله (جي ڪتاب) ۽ سندس رسول (ﷺ) ڏانهن سندن وچ ۾ فيصلو ڪرڻ لاءِ سڏبو آهي ته سندن

بَیۡنَهُمۡ اَنۡ یَّقُوۡلُوۡا سَمِعۡنَا وَاَطَعۡنَا ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿٥١﴾

چوڻ هوندو آهي ته ٻڌوسون ۽ تابعداري ڪئي سون ۽ اهي ئي ماڻهو ڪامياب (يعني دوزخ کان نجات لهڻ وارا) آهن ﴿٥١﴾

وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَخْشَ اللّٰهَ وَيَتَّقْهِ فَاُولٰٓئِكَ

۽ جيڪو الله ۽ سندس رسول جي اطاعت ڪندو ۽ الله کان ڊڄندو ۽ (سندس حرام ڪيل ڪمن کان) بچندو ته اهي ئي ماڻهو

هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ۝٥٢ وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ

ڪامياب ٿيڻ وارا (يعني جنتي) آهن ۝٥٢ ۽ (يهودي) الله جا وڏا قسم کڻي چون ٿا ته جيڪڏهن ڪين (جهاد لاءِ) حڪم ڪندين ته

اَمَرْتَهُمْ لَيَخْرُجُنَّ ؕ قُلْ لَّا تُقْسِمُوْا ۚ طَاعَةٌ مَّعْرُوْفَةٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

ضرور نڪرندا. فرماءِ ته قسم نه کڻو (ڪوڙا قسم کڻڻ جي بجاءِ الله ۽ سندس رسول ﷺ جي) فرمانبرداري ڪرڻ چڱي ڳالهه

خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ۝٥٣ قُلْ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ

آهي. جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، بيشڪ الله تن کان باخبر آهي ۝٥٣ (اي رسولن جا سردار ﷺ!) فرماءِ ته تابعداري ڪريو

تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْهِ مَا حُمِّلَ وَعَلَيْكُمْ مَّا حُمِّلْتُمْ ؕ وَاِنْ تُطِيْعُوْهُ

الله جي ۽ تابعداري ڪريو رسول (الله ﷺ جن) جي، پوءِ به جيڪڏهن اهي منهن موڙين ٿا ته پوءِ دراصل پيغمبر

تَهْتَدُوْا ؕ وَمَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ۝٥٤ وَعَدَ اللّٰهُ

ﷺ تي پنهنجو بار آهي ۽ توهان تي (تابعداري ڪرڻ جو پنهنجو) بار آهي ۽ جيڪڏهن توهان سندس فرمانبرداري ڪندا ته هدايت
لهندا ۽ رسول (الله ﷺ) تي ته رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ آهي ۝٥٤ توهان مان جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، الله انهن سان

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِى الْاَرْضِ

وعدو فرمايو آهي ته (ڪافرن کي هلاڪ ڪري) ضرور ڪين زمين ۾ خلافت بخشيندو، جيئن انهن کان اڳين کي (يعني ڪافرن کي

كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۠ وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِيْنَهُمُ الَّذِى

هلاڪ ڪرڻ کان بعد) خلافت بخشيائين ۽ ضرور سندن لاءِ دين (اسلام) کي زور وٺرائيندو، جنهن کي سندن لاءِ پسند فرمايو اٿس ۽

ارْتَضٰى لَهُمْ وَلَيُبَدِّلَنَّهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ خَوْفِهِمْ اَمْنًا ؕ يَعْبُدُوْنَنِىْ لَا

ضرور سندن خوف کي امن ۾ بدلائيندو (پوءِ هرگز ڪافرن کان نه ڊڄن)، منهنجي عبادت ڪن ۽ مون سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪن ۽

يُشْرِكُوْنَ بِيْ شَيْـًٔا ۭ وَمَنْ كَفَرَ بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ۝٥٥

جيڪو ان کان بعد ڪافر ٿيندو (۽ نافرماني ۽ خونريزي ڪري ان نعمت جي ناشڪري ڪندو) ته پوءِ اهي ئي فاسق آهن ۝٥٥

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ

۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽ (حضرت) رسول (ڪريم ﷺ جن) جي تابعداري ڪريو، مَنَ توهان تي رحم ڪيو

تُرْحَمُوْنَ ۝٥٦ لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مُعْجِزِيْنَ فِي الْاَرْضِ ۚ وَ

وڃي ۝٥٦ (اي محمد ﷺ! گمان نه ڪر ته) جن ڪفر ڪيو، اهي (ڪافر الله کي) زمين ۾ عاجز ڪرڻ وارا آهن ۽ سندن

ع ٧ ١٣ مَاْوٰىهُمُ النَّارُ ۭ وَلَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ۝٥٧ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

ٺڪاڻو دوزخ آهي ۽ يقينًا اها موٽڻ جي ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ۝٥٧ اي ايمان وارو! (توهان جا ٻانها ۽ ٻانهيون) جن

لِيَسْتَاْذِنْكُمُ الَّذِيْنَ مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ وَالَّذِيْنَ لَمْ يَبْلُغُوا

جا توهان جا ساڄا هٿ مالڪ ٿيا آهن ۽ توهان جا نابالغ ڇوڪرا، گهرجي ته اهي (گهرن ۾ اچڻ لاءِ) ٽي ڀيرا اجازت

الْحُلُمَ مِنْكُمْ ثَلٰثَ مَرّٰتٍ ۭ مِنْ قَبْلِ صَلٰوةِ الْفَجْرِ وَحِيْنَ تَضَعُوْنَ

وٺن (۽ اجازت کان سواءِ اندر نه اچن، يعني) فجر جي نماز کان اڳ ۽ ٻنپهرن جي وقت، جڏهن توهان (آرام لاءِ)

ثِيَابَكُمْ مِّنَ الظَّهِيْرَةِ وَمِنْۢ بَعْدِ صَلٰوةِ الْعِشَاۗءِ ڞ ثَلٰثُ

پنهنجا ڪپڙا لاهيندا آهيو ۽ عشا نماز کان پوءِ (جڏهن سمهڻ وارا ڪپڙا پائيندا آهيو.) اهي ٽي وقت توهان جي

عَوْرٰتٍ لَّكُمْ ۭ لَيْسَ عَلَيْكُمْ وَلَا عَلَيْهِمْ جُنَاحٌۢ بَعْدَهُنَّ ۭ طَوّٰفُوْنَ

اگهڙڻ جي ظاهر ٿيڻ جا آهن. انهن (وقتن) کان پوءِ نه توهان تي گناه آهي ۽ انهن تي گناه آهي ته هڪ ٻئي وٽ

عَلَيْكُمْ بَعْضُكُمْ عَلٰي بَعْضٍ ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ ۭ

اچو وڃو. توهان هڪ ٻئي مان آهيو. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ توهان لاءِ پنهنجيون آيتون روشن ڪري ٿو ۽ الله علم

وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿٥٨﴾ وَ اِذَا بَلَغَ الۡاَطۡفَالُ مِنۡكُمُ الۡحُلُمَ

وارو حڪمت وارو آهي ﴿٥٨﴾ ۽ جڏهن توهان جا ٻار جوانيءَ کي پهچن ته جڳائي ته اجازت وٺي گهر ۾ اندر

فَلۡيَسۡتَاۡذِنُوۡا كَمَا اسۡتَاۡذَنَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ

اچن، جيئن اهي (نوجوان ڇوڪرا گهرن ۾ اچڻ وقت) اجازت وٺندا هئا (جيڪي) انهن کان اڳ هئا. اهڙيءَ

اللّٰهُ لَكُمۡ اٰيٰتِهٖ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿٥٩﴾ وَالۡقَوَاعِدُ مِنَ

طرح الله توهان لاءِ پنهنجيون آيتون روشن ڪري ٿو ۽ الله علم وارو حڪمت وارو آهي ﴿٥٩﴾ ۽ اهي جهور پوڙهيون

النِّسَآءِ الّٰتِىۡ لَا يَرۡجُوۡنَ نِكَاحًا فَلَيۡسَ عَلَيۡهِنَّ جُنَاحٌ اَنۡ

عورتون جيڪي نڪاح جي اميد نٿيون رکن، انهن تي ڪو گناهه نه آهي ته پنهنجيون چادرون لاهن، (بشرطيڪ)

يَّضَعۡنَ ثِيَابَهُنَّ غَيۡرَ مُتَبَرِّجٰتٍۢ بِزِيۡنَةٍ ؕ وَاَنۡ يَّسۡتَعۡفِفۡنَ

هار سينگار کي ظاهر ڪندڙ نه هجن ۽ جيڪڏهن (ان کان به) بچن (يعني چادرون نه لاهين)، ته اهائي ڳالهه

خَيۡرٌ لَّهُنَّ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿٦٠﴾ لَيۡسَ عَلَى الۡاَعۡمٰى حَرَجٌ وَّلَا

سندن لاءِ چڱي آهي ۽ الله ٻڌڻ وارو، علم وارو آهي ﴿٦٠﴾ نه انڌي تي ڪو گناهه آهي ۽ نه منڊي تي ڪو

عَلَى الۡاَعۡرَجِ حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الۡمَرِيۡضِ حَرَجٌ وَّ لَا عَلٰٓى

گناهه آهي ۽ نه بيمار تي ڪو گناهه آهي ۽ نه توهان تي (ڪو گناهه آهي) ته کائو پنهنجن گهرن مان، يا

اَنۡفُسِكُمۡ اَنۡ تَاۡكُلُوۡا مِنۡۢ بُيُوۡتِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ اٰبَآئِكُمۡ اَوۡ

پنهنجن پيئرن جي گهرن مان، يا پنهنجين مائرن جي گهرن مان، يا پنهنجن ڀائرن جي گهرن مان، يا

بُيُوۡتِ اُمَّهٰتِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ اِخۡوَانِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ اَخَوٰتِكُمۡ

پنهنجين ڀينرن جي گهرن مان، يا پنهنجن چاچن جي گهرن مان، يا پنهنجين ڦڦين جي گهرن مان، يا

اَوۡ بُيُوۡتِ اَعۡمَامِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ عَمّٰتِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ اَخۡوَالِكُمۡ

پنهنجن مامن جي گهرن مان، يا پنهنجين ماسين جي گهرن مان، يا جن (گهرن) جون چابيون

اَوۡ بُيُوۡتِ خٰلٰتِكُمۡ اَوۡ مَا مَلَكۡتُمۡ مَّفَاتِحَهٗۤ اَوۡ صَدِيۡقِكُمۡ ط

توهان جي هٿن ۾ آهن، (يعني جن گهرن ۾ وڪالت يا سرداري جي ڪري توهان عمل دخل رکندا هجو)،

لَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ اَنۡ تَاۡكُلُوۡا جَمِيۡعًا اَوۡ اَشۡتَاتًا ط فَاِذَا

يا پنهنجن دوستن جي گهرن مان. توهان تي گناهه نه آهي ته سڀ گڏجي کائو يا جدا جدا

دَخَلۡتُمۡ بُيُوۡتًا فَسَلِّمُوۡا عَلٰۤى اَنۡفُسِكُمۡ تَحِيَّةً مِّنۡ عِنۡدِ

(ٿي کائو.) پوءِ جڏهن (بيان ڪيل) گهرن ۾ داخل ٿيو ته الله تعاليٰ جي (ٻڌايل) مبارڪ ۽ پاڪ دعا

اللّٰهِ مُبٰرَكَةً طَيِّبَةً ط كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الۡاٰيٰتِ

سان هڪ ٻئي تي سلام ڪريو. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ توهان جي لاءِ (پنهنجين) آيتن کي روشن ڪري ٿو ته مَنَ

لَعَلَّكُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ ﴿٦١﴾ ع اِنَّمَا الۡمُؤۡمِنُوۡنَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا بِاللّٰهِ ع ٨

توهان عقل کان ڪم وٺو ﴿٦١﴾ دراصل مؤمن ته اهي ئي هوندا آهن، جن ايمان آندو الله ۽ سندس رسول (پاڪ ﷺ)

وَرَسُوۡلِهٖ وَاِذَا كَانُوۡا مَعَهٗ عَلٰۤى اَمۡرٍ جَامِعٍ لَّمۡ يَذۡهَبُوۡا

تي ۽ جڏهن ڪنهن اجتماعي ڪم (جهڙوڪ ڪاڏي، صلاح مشوري ۽ جمعي جي نماز) تي ساڻس گڏ هوندا آهن ته

حَتّٰى يَسۡتَاۡذِنُوۡهُ ط اِنَّ الَّذِيۡنَ يَسۡتَاۡذِنُوۡنَكَ اُولٰٓئِكَ

پاڻ سڳورن (ﷺ جن کان) اجازت وٺڻ کان سواءِ نه ويندا آهن. بيشڪ جيڪي ماڻهو توکان اجازت گهرن ٿا،

الَّذِيۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ ج فَاِذَا اسۡتَاۡذَنُوۡكَ

اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي الله ۽ سندس رسول (پاڪ ﷺ جن) تي ايمان رکن ٿا. پوءِ جڏهن تو کان پنهنجي

لِبَعۡضِ شَاۡنِهِمۡ فَاۡذَنۡ لِّمَنۡ شِئۡتَ مِنۡهُمۡ وَاسۡتَغۡفِرۡ

ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ اجازت گهرن ته پوءِ انهن مان جنهن ڪي به تون چاهين اجازت ڏي ۽ سندن لاءِ الله کان

لَهُمُ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿٦٢﴾ لَا تَجۡعَلُوۡا

بخشش گهر. بيشڪ الله تعاليٰ مغفرت فرمائيندڙ رحم ڪندڙ آهي ﴿٦٢﴾ (اي ايمان وارو!) پاڻ ۾ (واجب التعظيم) رسول

دُعَآءَ الرَّسُوۡلِ بَيۡنَكُمۡ كَدُعَآءِ بَعۡضِكُمۡ بَعۡضًا ؕ قَدۡ

(سڳوري ﷺ) جي سڏڻ کي هڪ ٻئي جي سڏڻ وانگر نه سمجهو. (مثلاً چئو ته "اي محمد ﷺ!" بلڪ چئو ته "اي الله جا

يَعۡلَمُ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ يَتَسَلَّلُوۡنَ مِنۡكُمۡ لِوَاذًا ۚ فَلۡيَحۡذَرِ

رسول ﷺ!" ۽ "اي الله جا نبي ﷺ!") بيشڪ الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي ڄاڻي ٿو، جيڪي توهان مان هڪ ٻئي جو

الَّذِيۡنَ يُخَالِفُوۡنَ عَنۡ اَمۡرِهٖۤ اَنۡ تُصِيۡبَهُمۡ فِتۡنَةٌ

پاسو وٺي کسڪي وڃن ٿا. پوءِ انهن ماڻهن کي ڊڄڻ گهرجي، جيڪي سندس حڪم جي مخالفت ڪري رهيا آهن ته

اَوۡ يُصِيۡبَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿٦٣﴾ اَلَاۤ اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِى

متان (سندن گمراهيءَ ۽ نافرمانيءَ سبب) ڪو فتنو پهچي يا متان ڏکوئيندڙ عذاب اچي ﴿٦٣﴾ ٻڌو! جيڪي ڪجهه آسمانن

السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ قَدۡ يَعۡلَمُ مَاۤ اَنۡتُمۡ عَلَيۡهِ ؕ وَيَوۡمَ

۾ ۽ زمين ۾ آهي، سڀ الله جو آهي. بيشڪ جنهن حالت ۾ توهان آهيو، تنهن کي به الله ڄاڻي ٿو ۽ (ياد ڪريو اهو)

يُرۡجَعُوۡنَ اِلَيۡهِ فَيُنَبِّئُهُمۡ بِمَا عَمِلُوۡا ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَىۡءٍ

ڏينهن، (جڏهن منافقن ۽ پاڪ شريعت جي مخالفن کي) الله ڏانهن موٽايو ويندو، پوءِ ڪين سندن عملن جي باري ۾ خبر

عَلِيۡمٌ ﴿٦٤﴾ ع ٩ ١٥

ڏيندو ۽ الله هر شيءِ جو علم رکڻ وارو آهي ﴿٦٤﴾

اٰيَاتُهَا ٧٧ (٢٥) سُوْرَةُ الْفُرْقَانِ مَكِّيَّةٌ (٤٢) رُكُوْعَاتُهَا ٦

سورة الفرقان مڪي آهي، هن ۾ ستهتر آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

تَبٰرَكَ الَّذِيْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰى عَبْدِهٖ لِيَكُوْنَ لِلْعٰلَمِيْنَ

برڪت وارو آهي (الله)، جنهن پنهنجي ٻانهي (حضرت محمد ﷺ تي حق ۽ باطل ۾) فرق ڪندڙ (قرآن) لاٿو، جيئن

نَذِيْرَا ۙ ① الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَمْ يَتَّخِذْ

(الله تعاليٰ يا حضرت محمد ﷺ) دنيا وارن (يعني جنن ۽ انسانن لاءِ) ڊيڄاريندڙ ٿئي ① اهو الله، جنهن لاءِ آسمانن ۽

وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِي الْمُلْكِ وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ

زمين جي بادشاهي آهي ۽ (جنهن) پنهنجي لاءِ نه ڪنهن کي پٽ بڻايو آهي ۽ نڪي سندس بادشاهيءَ ۾ ڪو شريڪ آهي ۽
انهيءَ هر شيءِ کي پيدا فرمايو، (چاڪاڻ ته پيدا ڪرڻ رڳو الله جي ئي صفت آهي.) پوءِ ان جو اندازو ڪيائين، چڱيءَ

فَقَدَّرَهٗ تَقْدِيْرًا ② وَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً لَّا

طرح اندازو ڪرڻ ② ۽ انهن (مشرڪن) الله تعاليٰ کان سواءِ ڪي معبود بڻايا آهن، جيڪي ڪا به شيءِ پيدا

يَخْلُقُوْنَ شَيْـًٔا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ وَلَا يَمْلِكُوْنَ لِاَنْفُسِهِمْ

نٿا ڪن ۽ انهن کي پيدا ڪيو ويجي ٿو ۽ اهي پنهنجي لاءِ نه ڪنهن نقصان جو اختيار رکن ٿا

ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا وَّلَا يَمْلِكُوْنَ مَوْتًا وَّلَا حَيٰوةً وَّلَا

۽ نه ڪنهن نفعي جو (اختيار رکن ٿا) ۽ نه ڪنهن موت جو ۽ نه ڪنهن حياتي جو ۽ نڪي ٻيهر جيارڻ جو اختيار

نُشُوْرًا ③ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اِفْكُ

رکن ٿا ③ ۽ ڪافر چون ٿا ته هيءُ (قرآن) رڳو هڪ ڪوڙو قصو آهي، جنهن کي هن (يعني محمد ﷺ جن) پاڻ گهڙيو آهي ۽

افْتَرٰىهُ وَاَعَانَهٗ عَلَيْهِ قَوْمٌ اٰخَرُوْنَ ۛۚ فَقَدْ جَآءُوْ ظُلْمًا

بين ماڻهن (يعني يهودين) ان ڏس ۾ سندس مدد ڪئي آهي. پوءِ بيشڪ انهن (قرآن جي باري ۾) ظلم ڪيو ۽ هڪ ڪوڙي

وَّزُوْرًا ۚ ﴿٤﴾ وَقَالُوْٓا اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ اكْتَتَبَهَا فَهِيَ

ڳالهه چئي ④ ۽ (ڪافر) چون ٿا ته (قرآن جون آيتون) اڳين جون آکاڻيون آهن، جيڪي (محمد ﷺ جن پاڻ) لکايون آهن،

تُمْلٰى عَلَيْهِ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ﴿٥﴾ قُلْ اَنْزَلَهُ الَّذِيْ يَعْلَمُ

پوءِ اهي مٿس صبح ۽ شام پڙهيون ۽ لکيون وڃن ٿيون ⑤ فرماءِ ته هن کي (قرآن کي دراصل) الله پاڪ جي ذات بابرڪات)

السِّرَّ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ اِنَّهٗ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٦﴾

لاٿو آهي، جيڪو آسمانن ۽ زمين جي ڳجهين ڳالهين کي به ڄاڻي ٿو. بيشڪ اهو مغفرت ڪندڙ، رحم فرمائيندڙ آهي ⑥

وَقَالُوْا مَالِ هٰذَا الرَّسُوْلِ يَاْكُلُ الطَّعَامَ وَيَمْشِيْ فِي

۽ (ڪافر انڪار ۽ ٺٺوليون ڪندي) چون ٿا ته هن (الله جي) رسول (ﷺ) کي ڇا ٿيو آهي، جيڪو کاڌو به کائي ٿو ۽

الْاَسْوَاقِ ۭ لَوْلَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مَلَكٌ فَيَكُوْنَ مَعَهٗ

بازارن ۾ به گهمي ڦري رهيو آهي؟ هن تي ڪو فرشتو ڇو نٿو لاٿو وڃي، جيڪو ساڻس گڏجي (ماڻهن لاءِ)

نَذِيْرًا ﴿٧﴾ اَوْ يُلْقٰٓى اِلَيْهِ كَنْزٌ اَوْ تَكُوْنُ لَهٗ جَنَّةٌ يَّاْكُلُ

ڊيڄاريندڙ ٿئي ⑦ يا ڇو مٿس ڪو خزانو نٿو لاٿو وڃي، يا وٽس ڪو باغ هجي، جنهن مان کائي ۽

مِنْهَا ۭ وَقَالَ الظّٰلِمُوْنَ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ﴿٨﴾ اُنْظُرْ

ظالم (مؤمنن کي) چون ٿا ته توهان رڳو جادو ڪيل هڪ شخص جي پيروي ڪريو ٿا ⑧ (اي رسولن جا

كَيْفَ ضَرَبُوْا لَكَ الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ

سردار ﷺ!) ڏس تنهنجي لاءِ ڪيئن مثال بيان ڪن ٿا، پوءِ گمراهه ٿيا پوءِ (گمراهيءَ مان نڪرڻ لاءِ) ڪا واٽ

مُعانقة ١٠ عند المتأخرين

ع ٩/١٢

سَبِيْلًا ۝٩ تَبٰرَكَ الَّذِيْٓ اِنْ شَآءَ جَعَلَ لَكَ خَيْرًا مِّنْ

نتا لهن ۝٩ اهو (الله بيشمار ۽ بي انتها) برڪتن وارو آهي، جيڪڏهن گهرندو ته توکي (اي پيغمبر ﷺ !)

ذٰلِكَ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ وَيَجْعَلْ لَّكَ

انهن کان وڌيڪ چڱا (۽ بهترين) باغ عطا ڪندو، جن جي هيٺان نهرون وهنديون ۽ توکي محلاتَ

قُصُوْرًا ۝١٠ بَلْ كَذَّبُوْا بِالسَّاعَةِ ۣ وَاَعْتَدْنَا لِمَنْ كَذَّبَ

نصيب ڪندو ۝١٠ بلڪ (ڪافرن) قيامت کي ڪوڙو ڪيو ۽ جيڪو قيامت کي ڪوڙو پائيندو، تنهن لاءِ اسان ساڙيندڙ باهه

بِالسَّاعَةِ سَعِيْرًا ۝١١ اِذَا رَاَتْهُمْ مِّنْ مَّكَانٍۭ بَعِيْدٍ سَمِعُوْا

(جو عذاب) تيار ڪري رکيو آهي ۝١١ جڏهن اها (دوزخ) کين ڏورانهين جاءِ کان ڏسندي ته اهي سندس

لَهَا تَغَيُّظًا وَّزَفِيْرًا ۝١٢ وَاِذَآ اُلْقُوْا مِنْهَا مَكَانًا ضَيِّقًا

رڙيون ۽ دڙڪا ٻڌندا ۝١٢ ۽ جڏهن (سندن هٿ پير) زنجيرن ۾ ٻڌي کين دوزخ جي ڪنهن تنگ جاءِ

مُّقَرَّنِيْنَ دَعَوْا هُنَالِكَ ثُبُوْرًا ۝١٣ لَا تَدْعُوا الْيَوْمَ ثُبُوْرًا وَّاحِدًا

۾ اڇلايو ويندو ته اتي موت کي پڪاريندا ۝١٣ (کين چيو ويندو ته) اڄ هڪ موت کي نه پڪاريو، پر گهڻن

وَّادْعُوْا ثُبُوْرًا كَثِيْرًا ۝١٤ قُلْ اَذٰلِكَ خَيْرٌ اَمْ جَنَّةُ الْخُلْدِ

موتن کي پڪاريو ۝١٤ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته ڇا اها دوزخ چڱي آهي يا اها هميشه رهڻ واري جنت، جنهن جو

الَّتِيْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ۭ كَانَتْ لَهُمْ جَزَآءً وَّمَصِيْرًا ۝١٥ لَهُمْ

پرهيزگارن سان وعدو ڪيو ويو آهي ٿو. (جيڪا) سندن بدلي ۽ موٽڻ جي جاءِ آهي ۝١٥ انهيءَ ۾ سندن لاءِ

فِيْهَا مَا يَشَآءُوْنَ خٰلِدِيْنَ ۭ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ وَعْدًا مَّسْـُٔوْلًا ۝١٦

اهو سڀ ڪجهه آهي، جيڪي گهرندا. (منجهس) سدائين رهندڙ آهن. اهو وعدو پورو ڪرڻ الله تي لازم آهي ۝١٦

وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ وَمَا يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَيَقُوْلُ

۽ ان ڏينهن (حقّ ۽ باطل جدا ٿي ويندو) ۽ الله مشرڪن جي معبودن (يعني فرشتن، عيسيٰ عليه السلام، عزير عليه السلام،

ءَاَنْتُمْ اَضْلَلْتُمْ عِبَادِيْ هٰٓؤُلَآءِ اَمْ هُمْ ضَلُّوا السَّبِيْلَ ﴿١٧﴾ؕ

جنن ۽ بتن) کي گڏ ڪندو. پوءِ فرمائيندو ته ڇا توهان منهنجن هنن ٻانهن کي گمراه ڪيو يا اهي پاڻ گمراه ٿيا؟ ﴿١٧﴾

قَالُوْا سُبْحٰنَكَ مَا كَانَ يَنْۢبَغِيْ لَنَآ اَنْ نَّتَّخِذَ مِنْ دُوْنِكَ

چوندا ته تون پاڪ آهين، اسان کي نه جڳائيندو هو ته تو کان سواءِ ٻين کي دوست بڻايون ۽ پر تو کين ۽ سندن ابن

مِنْ اَوْلِيَآءَ وَلٰكِنْ مَّتَّعْتَهُمْ وَاٰبَآءَهُمْ حَتّٰى نَسُوا الذِّكْرَ ۚ

ڏاڏن کي نعمت (۽ صحت) عطا ڪئي، تانجو تنهنجي نصيحت (يعني قرآن) کي وساري ڇڏيائون ۽ اهي (ڪفر ۽

وَكَانُوْا قَوْمًاۢ بُوْرًا ﴿١٨﴾ فَقَدْ كَذَّبُوْكُمْ بِمَا تَقُوْلُوْنَ ۙ فَمَا

سرڪشيءَ سبب) هلاڪ ٿيڻ وارا هئا ﴿١٨﴾ پوءِ بيشڪ جيڪي ڳالهيون توهان چئو ٿا، تن ۾ (اي مشرڪو! توهانجن

تَسْتَطِيْعُوْنَ صَرْفًا وَّلَا نَصْرًا ۚ وَمَنْ يَّظْلِمْ مِّنْكُمْ نُذِقْهُ

معبودن) توهان کي ڪوڙو ڪيو، پوءِ هاڻي توهان نه (عذاب کي) ٽاري سگهو ٿا ۽ نه (ڪنهن کان) مدد وٺي

عَذَابًا كَبِيْرًا ﴿١٩﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّآ

سگهو ٿا ۽ توهان مان جيڪو شخص ظلم ڪندو، تنهن کي وڏو عذاب چکائينداسون ﴿١٩﴾ ۽ (اي خاتم الرسل ﷺ!) تو کان اڳ
اسان جيترا به رسول موڪليا، اهي سڀ (عالم بشريت ۾) کاڌو کائيندا هئا ۽ (عاجزيءَ سان) بازارن ۾ گهمندا ڦرندا هئا ۽

اِنَّهُمْ لَيَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَيَمْشُوْنَ فِي الْاَسْوَاقِ ؕ وَجَعَلْنَا

اسان توهان مان هڪڙن کي ٻين لاءِ (يعني مالدارن کي مسڪينن لاءِ، بيمارن کي تندرستن لاءِ، مؤمنن کي ڪافرن لاءِ) ٿڦوليون

بَعْضَكُمْ لِبَعْضٍ فِتْنَةً ؕ اَتَصْبِرُوْنَ ۚ وَكَانَ رَبُّكَ بَصِيْرًا ﴿٢٠﴾ؑ

ڪندڙن لاءِ) آزمائش جو هڪ ذريعو بڻايو آهي، (جيئن ڏسون ته) ڇا توهان صبر ڪريو ٿا؟ ۽ تنهنجو ربّ ڏسندڙ آهي ﴿٢٠﴾

وَقَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ

۽ جيڪي ماڻھو (محشر ۾) اسان جي ملاقات جو يقين نٿا رکن، اهي چون ٿا ته اسان تي فرشتا ڇو نٿا لاٿا وڃن (جيڪي

نَرٰى رَبَّنَا ؕ لَقَدِ اسْتَكْبَرُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ وَعَتَوْ عُتُوًّا كَبِيْرًا ﴿٢١﴾ يَوْمَ

الله تعاليٰ ۽ حضرت محمد ﷺ جن جي سچائيءَ جي شاهدي ڏين)، يا اسان پنهنجي ربّ کي ڏسون. بيشڪ انهن پنهنجن (پليت)
نفسن ۾ ڏاڍي وڏائي ڪئي ۽ اهي حد کان وڌيڪ هنيلا ٿي ويا آهن ﴿٢١﴾ جنهن ڏينهن فرشتن کي ڏسندا، تنهن ڏينهن ڏوهارين

يَرَوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ لَا بُشْرٰى يَوْمَئِذٍ لِّلْمُجْرِمِيْنَ وَيَقُوْلُوْنَ حِجْرًا

(کي عذاب ڏنو ويندو ۽ سندن) لاءِ ڪا خوشخبري نه هوندي ۽ (ڪافر) چوندا ته (خدا ڪري) توهان کي روڪيو وڃي ۽ پري

مَّحْجُوْرًا ﴿٢٢﴾ وَقَدِمْنَآ اِلٰى مَا عَمِلُوْا مِنْ عَمَلٍ فَجَعَلْنٰهُ هَبَآءً

ڪيو وڃي ﴿٢٢﴾ ۽ جيڪي عمل انهن ڪيا هوندا، تن ڏانهن متوجّه ٿينداسون، پوءِ انهن کي مٽيءَ جي دز ۽ ڌوڙ وانگر (باطل ۽

مَّنْثُوْرًا ﴿٢٣﴾ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ يَوْمَئِذٍ خَيْرٌ مُّسْتَقَرًّا وَّاَحْسَنُ مَقِيْلًا ﴿٢٤﴾ وَ

بي حاصل) ڪري ڇڏينداسون ﴿٢٣﴾ انهيءَ ڏينهن جنتين جو ٺڪاڻو به چڱو هوندو ۽ سندن آرام جي جاءِ به چڱي هوندي ﴿٢٤﴾

يَوْمَ تَشَقَّقُ السَّمَآءُ بِالْغَمَامِ وَنُزِّلَ الْمَلٰٓئِكَةُ تَنْزِيْلًا ﴿٢٥﴾ اَلْمُلْكُ

۽ (ياد ڪر انهيءَ) ڏينهن کي، جڏهن آسمان ڪڪرن سميت ڦاٽي پوندو ۽ (ٻانهن جا اعمالناما آڻڻ ۽ مؤمنن جي عزت افزائي

يَوْمَئِذِ ِالْحَقُّ لِلرَّحْمٰنِ ؕ وَكَانَ يَوْمًا عَلَى الْكٰفِرِيْنَ عَسِيْرًا ﴿٢٦﴾ وَ

ڪرڻ لاءِ) فرشتن کي هيٺ لاٿو ويندو، چڱيءَ طرح لاهڻ ﴿٢٥﴾ (اعلان ڪيو ويندو ته) اڄوڪي ڏينهن حقيقي بادشاهي الله جي
آهي ۽ اڄوڪو ڏينهن ڪافرن لاءِ ڏاڍو ڏکيو آهي ﴿٢٦﴾ ۽ ان ڏينهن ظالم (يعني عتبه يا ابيّ بن خلف حسرت وچان) پنهنجن

يَوْمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ عَلٰى يَدَيْهِ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِى اتَّخَذْتُ مَعَ الرَّسُوْلِ

هٿن کي چڪيندو (۽) چوندو ته جيڪر آءٌ به پيغمبر (ﷺ جن) سان گڏجي (جنت واري) واٽ کي اختيار

سَبِيْلًا ﴿٢٧﴾ يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِىْ لَمْ اَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيْلًا ﴿٢٨﴾ لَقَدْ اَضَلَّنِىْ

ڪريان ها ﴿٢٧﴾ هاءِ منهنجي شامت! جيڪر فلاڻي (يعني شيطان، يا هر شرير اڳواڻ، يا عتبه، يا ابيّ بن خلف) کي پنهنجو
دوست نه بڻايان ها ﴿٢٨﴾ بيشڪ نصيحت جي اچڻ کان پوءِ به ان مون کي (قرآن يا پيغمبر ﷺ جن جي پيرويءَ کان)

عَنِ الذِّكْرِ بَعْدَ اِذْ جَآءَنِیْ ؕ وَ كَانَ الشَّیْطٰنُ لِلْاِنْسَانِ خَذُوْلًا ﴿۲۹﴾ وَ

گمراھ ڪيو ۽ شيطان (پنھنجي پيروي ڪندڙ) انسان کي (ڏکئي وقت ۾) خوار خراب ڪندڙ آھي ﴿۲۹﴾ ۽ پيغمبر (يعني

قَالَ الرَّسُوْلُ یٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِی اتَّخَذُوْا هٰذَا الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا ﴿۳۰﴾ وَ

حضرت محمد ﷺ) چيو تہ منھنجا ربّ! منھنجي قوم (قريش)، ھن قرآن کي ڇڏي ڏنو (۽ ان کان منھن موڙيو اٿن.) ﴿۳۰﴾ ۽

كَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِیٍّ عَدُوًّا مِّنَ الْمُجْرِمِیْنَ ؕ وَ كَفٰی بِرَبِّكَ

(اي رسولن جا سردار ﷺ! جيئن ڪافر ۽ مشرڪ تنھنجا دشمن آھن)، تيئن اسان ھر نبيءَ لاءِ ڏوھارين مان ڪن کي

هَادِیًا وَّ نَصِیْرًا ﴿۳۱﴾ وَ قَالَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا لَوْ لَا نُزِّلَ عَلَیْهِ الْقُرْاٰنُ

دشمن بڻايو ۽ تنھنجو ربّ ھدايت ڏيڻ ۽ مدد ڪرڻ لاءِ ڪافي آھي ﴿۳۱﴾ ۽ جن ماڻھن ڪفر ڪيو، اھي چون ٿا تہ (حضرت محمد

جُمْلَةً وَّاحِدَةً ۛۚ كَذٰلِكَ ۛۚ لِنُثَبِّتَ بِهٖ فُؤَادَكَ وَ رَتَّلْنٰهُ تَرْتِیْلًا ﴿۳۲﴾ مع

ﷺ تي) ھڪ ئي ڀيري قرآن ڇو نہ لاٿو ويو؟ اھڙيءَ طرح اسين (قرآن کي وقفي وقفي سان لاھيون ٿا)، جيئن ان جي
ذريعي تنھنجي دل کي مضبوط ڪريون ۽ اسان ان کي (سھڻي نموني سان) آھستي آھستي پڙھون ٿا ﴿۳۲﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!) تو

وَ لَا یَاْتُوْنَكَ بِمَثَلٍ اِلَّا جِئْنٰكَ بِالْحَقِّ وَ اَحْسَنَ تَفْسِیْرًا ﴿۳۳﴾ ؕ

وٽ جيڪو (بہ اعتراض جو ڳُو) مثال آڻين ٿا، (ان جي جواب ۾) اسان تو وٽ سچو مثال ۽ سھڻي تفصيل آڻيون ٿا ﴿۳۳﴾

اَلَّذِیْنَ یُحْشَرُوْنَ عَلٰی وُجُوْهِهِمْ اِلٰی جَهَنَّمَ ۙ اُولٰٓئِكَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّ

جن (ڪافرن کي قبرن مان اوندو ڪري اٿاري)، اوندي منھن جھنم ڏانھن ھڪليو ويندو، تن جو ٺڪاڻو ڏاڍو بڇڙو آھي ۽ (اھي

اَضَلُّ سَبِیْلًا ﴿۳۴﴾ ع وَ لَقَدْ اٰتَیْنَا مُوْسَی الْكِتٰبَ وَ جَعَلْنَا مَعَهٗۤ اَخَاهُ ع

ئي) سڀ کان وڌيڪ گمراھ آھن ﴿۳۴﴾ ۽ بيشڪ موسىٰ (عليه السلام) کي ڪتاب (يعني توريت) ڏنو سون ۽ سندس ڀاءُ ھارون (عليه السلام) کي

هٰرُوْنَ وَزِیْرًا ﴿۳۵﴾ ۚ صلے فَقُلْنَا اذْهَبَاۤ اِلَی الْقَوْمِ الَّذِیْنَ كَذَّبُوْا

سندس مددگار مقرر ڪيو سون ﴿۳۵﴾ پوءِ چيوسون تہ (فرعون جي قبطي) قوم ڏانھن وڃو، جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو

بِاٰيٰتِنَا ؕ فَدَمَّرْنٰهُمْ تَدْمِيْرًا ﴿۳۶﴾ وَقَوْمَ نُوْحٍ لَّمَّا كَذَّبُوا الرُّسُلَ

آهي، پوءِ اسان کين (ڪوڙو ڪرڻ سبب) تهس نهس ڪري ڇڏيو ﴿۳۶﴾ ۽ قوم نوح کي به غرق ڪيوسون، جڏهن پيغمبرن

اَغْرَقْنٰهُمْ وَجَعَلْنٰهُمْ لِلنَّاسِ اٰيَةً ؕ وَاَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِيْنَ عَذَابًا

کي ڪوڙو ڪيائون، (ڇاڪاڻ ته هڪ پيغمبر کي ڪوڙو ڪرڻ، سڀني کي ڪوڙو ڪرڻ آهي) ۽ کين ماڻهن لاءِ نشاني

اَلِيْمًا ﴿۳۷﴾ ۚ وَّعَادًا وَّثَمُوْدَا۠ وَاَصْحٰبَ الرَّسِّ وَقُرُوْنًا ۢ بَيْنَ ذٰلِكَ

بڻايوسون ۽ اسان ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو آهي ﴿۳۷﴾ ۽ (هود عليه السلام جي قوم) عاد ۽ (صالح عليه السلام جي قوم) ثمود ۽

كَثِيْرًا ﴿۳۸﴾ وَكُلًّا ضَرَبْنَا لَهُ الْاَمْثَالَ ۫ وَكُلًّا تَبَّرْنَا تَتْبِيْرًا ﴿۳۹﴾ وَلَقَدْ

رسّ (يعني کوهن) وارا ۽ سندن وچ ۾ گهڻيون قومون هيون (جن مان بعض قومن جو توسان ذڪر ڪري چڪا آهيون) ﴿۳۸﴾ ۽
سڀني (جي سمجهاڻ) لاءِ مثال بيان ڪياسون ۽ (نه مڃڻ سبب) سڀني کي تهس نهس ڪيوسون ﴿۳۹﴾ ۽ اهي (مشرڪ) ان ڳوٺ

اَتَوْا عَلَى الْقَرْيَةِ الَّتِیْۤ اُمْطِرَتْ مَطَرَ السَّوْءِ ؕ اَفَلَمْ يَكُوْنُوْا يَرَوْنَهَا ۚ

(يعني قوم لوط جي وسندين) وٽان به اچن وڃن ٿا، جن تي (پٿرن جو) بڇڙو مينهن وسايو ويو، ڇا پوءِ اهي کين ڏسندا نه هوندا؟

بَلْ كَانُوْا لَا يَرْجُوْنَ نُشُوْرًا ﴿۴۰﴾ وَاِذَا رَاَوْكَ اِنْ يَّتَّخِذُوْنَكَ اِلَّا هُزُوًا ؕ

(جو عبرت وٺن.) بلڪ اهي (موت کان پوءِ) جيئڻ تي يقين نٿا رکن ﴿۴۰﴾ ۽ (اي محمّد ﷺ!) جڏهن توکي ڏسن ٿا ته توسان ٺٺوليون ڪن ٿا

اَهٰذَا الَّذِیْ بَعَثَ اللّٰهُ رَسُوْلًا ﴿۴۱﴾ اِنْ كَادَ لَيُضِلُّنَا عَنْ اٰلِهَتِنَا لَوْ

ته ڇا هيءُ آهي اهو شخص، جنهن کي الله رسول ڪري موڪليو آهي؟ ﴿۴۱﴾ جيڪڏهن پنهنجن معبودن تي مضبوطيءَ سان قائم

لَاۤ اَنْ صَبَرْنَا عَلَيْهَا ؕ وَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ حِيْنَ يَرَوْنَ الْعَذَابَ مَنْ

نه رهون ها ته يقينًا هيءُ شخص اسان کي انهن کان گمراهه ڪري ڇڏي ها ۽ سگهوئي کين معلوم ٿيندو، جڏهن عذاب ڏسندا ته

اَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿۴۲﴾ اَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ ؕ اَفَاَنْتَ تَكُوْنُ

سڌيءَ واٽ کان ڪير ڀُليل آهي؟ ﴿۴۲﴾ ڇا تو ان شخص کي ڏٺو، جنهن پنهنجي خواهش کي پنهنجو معبود بڻايو آهي؟

عَلَيْهِ وَكِيْلًا ﴿٤٣﴾ اَمْ تَحْسَبُ اَنَّ اَكْثَرَهُمْ يَسْمَعُوْنَ اَوْ يَعْقِلُوْنَ ۭ اِنْ

چا پوءِ تون مٿس نگهبان آهين ؟ ﴿٤٣﴾ يا ڀانئين ٿو ته انهن مان گهڻا (تنهنجي ڳالهه کي) ٻڌن ٿا يا سمجهن ٿا ؟

هُمْ اِلَّا كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿٤٤﴾ ع اَلَمْ تَرَ اِلٰى رَبِّكَ كَيْفَ

اهي ته جانورن وانگر، بلڪ انهن کان به وڌيڪ گمراه آهن ﴿٤٤﴾ چا تو پنهنجي ربّ (جي قدرت) ڏانهن نه ڏٺو ته (سج

مَدَّ الظِّلَّ ۚ وَلَوْ شَاۗءَ لَجَعَلَهٗ سَاكِنًا ۚ ثُمَّ جَعَلْنَا الشَّمْسَ عَلَيْهِ

اڀرڻ کان سج لهڻ تائين) ڇانءِ کي ڪيئن پکيڙي ٿو ۽ جيڪڏهن اهو گهري ته ان کي بيهاري ڇڏي. پوءِ سج کي ان

دَلِيْلًا ﴿٤٥﴾ ثُمَّ قَبَضْنٰهُ اِلَيْنَا قَبْضًا يَّسِيْرًا ﴿٤٦﴾ وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ

تي دليل بڻايوسون ﴿٤٥﴾ پوءِ ان کي آهستي آهستي پاڻ ڏانهن سوڙهو ڪريون ٿا ﴿٤٦﴾ اهو الله ئي آهي، جنهن

الَّيْلَ لِبَاسًا وَّالنَّوْمَ سُبَاتًا وَّجَعَلَ النَّهَارَ نُشُوْرًا ﴿٤٧﴾ وَهُوَ الَّذِيْٓ

توهان جي لاءِ رات کي پردو ۽ ننڊ کي آرام جو سبب ۽ ڏينهن کي اٿڻ جو ذريعو بڻايو آهي ﴿٤٧﴾ اهو الله ئي

اَرْسَلَ الرِّيٰحَ بُشْرًۢا بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ۚ وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَاۗءِ مَاۗءً

آهي، جيڪو رحمت (يعني برسات) کان اڳ خوشخبري ڏيندڙ هوائن کي موڪلي ٿو ۽ آسمان تان پاڪ پاڻي لاهيون

طَهُوْرًا ﴿٤٨﴾ لِّنُحْیِۦَ بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا وَّنُسْقِيَهٗ مِمَّا خَلَقْنَآ اَنْعَامًا وَّ

ٿا ﴿٤٨﴾ جيئن ان سان مئل شهر (يعني ويران سرزمين) کي آباد ڪريون ۽ پنهنجي گهڻي خلق ۽ جانورن ۽ انسانن کي

اَنَاسِيَّ كَثِيْرًا ﴿٤٩﴾ وَلَقَدْ صَرَّفْنٰهُ بَيْنَهُمْ لِيَذَّكَّرُوْا ۖ فَاَبٰٓى اَكْثَرُ

اهو پاڻي پياريون ٿا ﴿٤٩﴾ ۽ بيشڪ اسان هن (قرآن) کي طرح طرح سان ماڻهن جي اڳيان بيان ڪيو آهي، جيئن

النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿٥٠﴾ وَلَوْ شِئْنَا لَبَعَثْنَا فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ نَّذِيْرًا ﴿٥١﴾ ۖ فَلَا

نصيحت وٺن، پر گهڻا ماڻهو رڳو انڪار ڪن ٿا ﴿٥٠﴾ ۽ جيڪڏهن گهرون ها ته هر هڪ ڳوٺ ۾ (جدا جدا) ڊيڄاريندڙ موڪليون ها ،
(جيئن اي محمد ﷺ! توتان بار هلڪو ٿئي، پر تنهنجا درجا بلند ڪرڻ لاءِ ائين نٿا ڪريون.) ﴿٥١﴾ پوءِ ڪافرن جو چيو نه مڃ

تُطِعِ الۡكٰفِرِيۡنَ وَجَاهِدۡهُمۡ بِهٖ جِهَادًا كَبِيۡرًا ﴿٥٢﴾ وَهُوَ الَّذِيۡ مَرَجَ

(۽ انهن کان منهن موڙ) ۽ هن قرآن جي ذريعي سندن خلاف جهاد ڪر، وڏو جهاد ڪرڻ ﴿٥٢﴾ اهو الله ئي آهي، جنهن

الۡبَحۡرَيۡنِ هٰذَا عَذۡبٌ فُرَاتٌ وَّهٰذَا مِلۡحٌ اُجَاجٌ ۚ وَجَعَلَ بَيۡنَهُمَا

(پنهنجي ڪامل قدرت سان) ٻن دريائن کي پاڻ ۾ ملايو، (جن مان) هُن جو پاڻي مٺو، اڃ لاهيندڙ آهي ۽ هِن جو پاڻي

بَرۡزَخًا وَّحِجۡرًا مَّحۡجُوۡرًا ﴿٥٣﴾ وَهُوَ الَّذِيۡ خَلَقَ مِنَ الۡمَآءِ بَشَرًا

ڪارو (ڇاتي ساڙيندڙ) آهي ۽ انهيءَ ٻنهي جي وچ ۾ هڪ پردو ۽ مضبوط روڪ قائم ڪري ڇڏي آهي (جيئن ٻنهي قسمن جا پاڻي پاڻ
۾ نه ملن.) ﴿٥٣﴾ اهو الله ئي آهي، جنهن انسان کي پاڻيءَ (يعني نطفي) مان پيدا ڪيو. پوءِ ڪيس نسب وارو ۽ غير نسب وارو ڪيائين

فَجَعَلَهٗ نَسَبًا وَّصِهۡرًا ؕ وَكَانَ رَبُّكَ قَدِيۡرًا ﴿٥٤﴾ وَيَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ

(يعني جن سان نڪاح حلال آهي) ۽ تنهنجو ربّ (وڏي) قدرت وارو آهي ﴿٥٤﴾ ۽ (مشرڪ) الله کان سواءِ بتن کي پوڄين ٿا،

دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنۡفَعُهُمۡ وَلَا يَضُرُّهُمۡ ؕ وَكَانَ الۡكَافِرُ عَلٰى رَبِّهٖ

جيڪي نه کين فائدو ڏين ٿا ۽ نه کين نقصان ڏين ٿا ۽ ڪافر (شيطان جي فرمانبرداريءَ سبب) پنهنجي ربّ کي پٺي ڏيندڙ

ظَهِيۡرًا ﴿٥٥﴾ وَمَاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّنَذِيۡرًا ﴿٥٦﴾ قُلۡ مَاۤ اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَيۡهِ

آهي ﴿٥٥﴾ ۽ اسان توکي رڳو بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي ﴿٥٦﴾ (اي رسولن جا سردار ﷺ!) فرماءِ ته آءٌ رسالت

مِنۡ اَجۡرٍ اِلَّا مَنۡ شَآءَ اَنۡ يَّتَّخِذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيۡلًا ﴿٥٧﴾ وَتَوَكَّلۡ عَلَى

جي پهچائڻ تي توهان کان ڪو اجر نٿو گهران، مگر جيڪو شخص پنهنجي ربّ ڏانهن واٽ وٺي ﴿٥٧﴾ ۽ (اي پيغمبر ﷺ!)

الۡحَيِّ الَّذِيۡ لَا يَمُوۡتُ وَسَبِّحۡ بِحَمۡدِهٖ ؕ وَكَفٰى بِهٖ بِذُنُوۡبِ عِبَادِهٖ

زنده (خدا) تي ڀروسو رک، جيڪو (ڪڏهن) نه مرندو ۽ سندس ساراهه سان گڏ تسبيح ڪر ۽ ٻانهن جي گناهه کان باخبر

مع ٥ خَبِيۡرًا ۛۚ ﴿٥٨﴾ الَّذِيۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ وَمَا بَيۡنَهُمَا فِيۡ سِتَّةِ

رهڻ لاءِ الله ڪافي آهي ﴿٥٨﴾ جنهن آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي شيون ٻنهي جي وچ ۾ آهن، تن کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا

اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۛۚ اَلرَّحْمٰنُ فَسْـَٔلْ بِهٖ خَبِيْرًا ﴿٥٩﴾ وَاِذَا قِيْلَ

کيو. پوءِ عرش تي قائم ٿيو. اهوئي روزي ڏيندڙ آهي. پوءِ (سندس صفتن کان اڻ ڄاڻ انسان!) سندس (صفتن) جي باري ۾ ڪنهن
باخبر انسان کان پڇ (ته تو کي انهن جي خبر ڏي.) ﴿٥٩﴾ ۽ جڏهن (مشرڪن) کي چئجي ٿو ته رحمٰن کي سجدو ڪريو، چون ٿا ته (وري اهو)

لَهُمُ اسْجُدُوْا لِلرَّحْمٰنِ قَالُوْا وَمَا الرَّحْمٰنُ ۗ اَنَسْجُدُ لِمَا تَاْمُرُنَا وَ

رحمٰن ڪير آهي؟ (اي مُحمّد ﷺ!) ڇا اسين ان کي سجدو ڪريون، جنهن جي باري ۾ تون اسان کي حڪم ڪرين ٿو ؟ ۽ اها

زَادَهُمْ نُفُوْرًا ﴿٦٠﴾ ۩ السجدة تَبٰرَكَ الَّذِيْ جَعَلَ فِي السَّمَآءِ بُرُوْجًا وَّجَعَلَ ع ٥ ٢٢ ٣ السجدة ٧

ڳالهه کين نفرت ۾ وڌائي ٿي ﴿٦٠﴾ برڪت وارو آهي (الله) جنهن آسمان ۾ (ٻارهن) برج ٺاهيا (جيڪي ستن تارن جون

فِيْهَا سِرٰجًا وَّقَمَرًا مُّنِيْرًا ﴿٦١﴾ وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ

منزلون آهن) ۽ منجهس روشن سج ۽ چمڪندڙ چنڊ بڻايائين ﴿٦١﴾ الله ئي آهي، جو رات ۽ ڏينهن کي هڪ ٻئي جي پويان آڻي ٿو.

خِلْفَةً لِّمَنْ اَرَادَ اَنْ يَّذَّكَّرَ اَوْ اَرَادَ شُكُوْرًا ﴿٦٢﴾ وَعِبَادُ الرَّحْمٰنِ

جيڪو نصيحت وٺڻ گهري، يا (اطاعت سان) شڪر ڪرڻ گهري (تنهن لاءِ اهي ڳالهيون نصيحت جوڳيون آهن) ﴿٦٢﴾ ۽ رحمٰن جا

الَّذِيْنَ يَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا وَّاِذَا خَاطَبَهُمُ الْجٰهِلُوْنَ

(خاص) ٻانها اهي آهن، جيڪي زمين تي آهستي (يعني سڪون ۽ وقار سان) هلن ٿا ۽ جڏهن جاهل ساڻن (اڻ وٽندڙ) ڳالهه ڪن ٿا

قَالُوْا سَلٰمًا ﴿٦٣﴾ وَالَّذِيْنَ يَبِيْتُوْنَ لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَّقِيَامًا ﴿٦٤﴾ وَ

ته (کين) سلام چون ٿا ﴿٦٣﴾ ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي پالڻهار جي اڳيان سجدي ۽ قيام (يعني نماز جي حالت) ۾ رات گذارين ٿا ﴿٦٤﴾ ۽

الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اصْرِفْ عَنَّا عَذَابَ جَهَنَّمَ ۖ اِنَّ عَذَابَهَا كَانَ

جيڪي ماڻهو چون ٿا ته ربّ اسان جا! اسان کان جهنم جو عذاب ٽار، بيشڪ ان جو عذاب ڏاڍو تڪليف ڏيندڙ (۽ قائم ۽ دائم

غَرَامًا ۖ ﴿٦٥﴾ اِنَّهَا سَآءَتْ مُسْتَقَرًّا وَّمُقَامًا ﴿٦٦﴾ وَالَّذِيْنَ اِذَآ اَنْفَقُوْا

رهندڙ) آهي ﴿٦٥﴾ بيشڪ اها رهڻ جي ڏاڍي بڇڙي جاءِ ۽ (بدترين) هنڌ آهي ﴿٦٦﴾ ۽ جڏهن خرچ ڪن ٿا ته اجايو

لَمْ يُسْرِفُوْا وَلَمْ يَقْتُرُوْا وَكَانَ بَيْنَ ذٰلِكَ قَوَامًا ﴿٦٧﴾ وَالَّذِيْنَ لَا

(يعني نافرمانيءَ جي ڪمن ۾)خرچ نہ ڪندا آهن ۽ نڪي (خرچ ڪرڻ ۾) ڪنجوسي ڪندا آهن (جو الله جي حقن ڪي
روڪي ڇڏيندا هجن) ۽ ٻنهي ۾ وچٽري واٽ تي هلندا آهن ﴿٦٧﴾ ۽ جيڪي الله سان گڏ ٻئي (باطل) معبود ڪي نہ سڏيندا

يَدْعُوْنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ وَلَا يَقْتُلُوْنَ النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا

آهن ۽ جنهن ساهواري ڪي الله تعاليٰ حرام ڪيو آهي، تنهن ڪي قتل نہ ڪندا آهن، مگر حقّ سان ۽ زنا نہ ڪندا

بِالْحَقِّ وَلَا يَزْنُوْنَ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ يَلْقَ اَثَامًا ﴿٦٨﴾ لا يُّضٰعَفْ لَهُ

آهن ۽ جيڪو اهي (منع ڪيل) ڪم ڪندو سو گناهہ (جي سزا) پوڳيندو ﴿٦٨﴾ قيامت جي ڏينهن ڪيس عذاب مٿان

الْعَذَابُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَيَخْلُدْ فِيْهٖ مُهَانًا ﴿٦٩﴾ ۖ اِلَّا مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ

عذاب ۾ وڌايو ويندو ۽ انهيءَ ۾ ذليل ٿي سدائين رهندو ﴿٦٩﴾ مگر جيڪو توبه ڪري ۽ ايمان آڻي ۽ چڱا ڪم

وَعَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍ ۗ وَ

ڪري، تہ پوءِ اهي ئي ماڻهو آهن، جن جي برائين ڪي الله تعاليٰ چڱاين ۾ بدلائي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻهار،

كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٧٠﴾ وَمَنْ تَابَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَاِنَّهٗ يَتُوْبُ اِلَى

رحم ڪندڙ آهي ﴿٧٠﴾ ۽ جنهن شخص توبه ڪئي ۽ چڱا ڪم ڪيائين تہ بيشڪ اهو الله ڏانهن (اخلاص سان)

اللّٰهِ مَتَابًا ﴿٧١﴾ وَالَّذِيْنَ لَا يَشْهَدُوْنَ الزُّوْرَ ۙ وَاِذَا مَرُّوْا بِاللَّغْوِ مَرُّوْا

رجوع ڪري ٿو ﴿٧١﴾ ۽ جيڪي ڪوڙي شاهدي نٿا ڏين ۽ جڏهن بيهوده ۽ باطل(ڪم ڪندڙن) وٽان لنگهن ٿا تہ عزت سان

كِرَامًا ﴿٧٢﴾ وَالَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَمْ يَخِرُّوْا عَلَيْهَا صُمًّا

گذري وڃن ٿا ﴿٧٢﴾ ۽ جڏهن وٽن سندن ربّ جون آيتون ذڪر ٿينديون آهن، انهن تي (غفلت وچان) ٻوڙا ۽ انڌا ٿي نٿا

وَّعُمْيَانًا ﴿٧٣﴾ وَالَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَذُرِّيّٰتِنَا

ڪِرن ﴿٧٣﴾ ۽ جيڪي چون ٿا تہ ربّ اسان جا! اسان ڪي، اسان جون اکيون ٺاريندڙ (يعني فرمانبردار) گهر واريون ۽

قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّاجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ﴿٧٤﴾ اُولٰٓئِكَ يُجْزَوْنَ الْغُرْفَةَ

اولاد عطا فرماءِ ۽ اسان کي پرهيزگارن جو امام ڪر ﴿٧٤﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن کي سندن صبر جي بدلي ۾

بِمَا صَبَرُوْا وَيُلَقَّوْنَ فِيْهَا تَحِيَّةً وَّسَلٰمًا ﴿٧٥﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ط

(جنت جا) محلات ڏنا ويندا، جتي (فرشتا) دعا ۽ سلام سان سندن استقبال ڪندا ﴿٧٥﴾ منجهس سدائين رهڻ وارا

حَسُنَتْ مُسْتَقَرًّا وَّمُقَامًا ﴿٧٦﴾ قُلْ مَا يَعْبَؤُا بِكُمْ رَبِّيْ لَوْلَا دُعَآؤُكُمْ ج

آهن. اها ٽڪڻ ۽ رهڻ جي ڏاڍي چڱي جاءِ آهي ﴿٧٦﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته جيڪڏهن توهان جي دعا نه هجي ها (يعني توهان وٽ نه توحيد آهي ۽ نه عبادت) ته پوءِ منهنجو ربّ توهان کي عذاب چو نه ڪري (۽ وٽس توهان جو ڪهڙو قدر آهي؟) پوءِ (اي مڪي وارو!)

فَقَدْ كَذَّبْتُمْ فَسَوْفَ يَكُوْنُ لِزَامًا ﴿٧٧﴾ ع

بيشڪ توهان ڪوڙو ڪري چڪا آهيو، پوءِ (توهان لاءِ عذاب) لازم آهي. (يعني موت يا بدر ۾ قتل جي صورت ۾) ﴿٧٧﴾

اٰيَاتُهَا ٢٢٧ (٢٦) سُوْرَةُ الشُّعَرَآءِ مَكِّيَّةٌ (٤٧) رُكُوْعَاتُهَا ١١

سورة الشعراءِ مڪي آهي، هن ۾ ٻه سو ستاويهه آيتون ۽ يارنهن رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي مهرباني سان وقت سڻو گذاريان ٿو ۽ سندس نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عام ۽ خاص تي رحم ڪندڙ آهي.

طٰسٓمّٓ ﴿١﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿٢﴾ لَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ اَلَّا

طٰسٓمّٓ مون کي پنهنجي بادشاهي، پنهنجي بلندي ۽ قوت جو قسم آهي ﴿١﴾ اهي روشن ڪتاب (يعني قرآن مجيد)

يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٣﴾ اِنْ نَّشَاْ نُنَزِّلْ عَلَيْهِمْ مِّنَ السَّمَآءِ اٰيَةً فَظَلَّتْ

جون آيتون آهن ﴿٢﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) شايد تون پاڻ کي هلاڪ ڪري ڇڏيندين جو اهي (مڪي جا مشرڪ) ايمان آڻڻ وارا نه آهن ﴿٣﴾ جيڪڏهن اسين گهرون ته انهن تي آسمان تان ڪا نشاني لاهيون پوءِ سندن ڳاٽا ان (نشانيءَ) يا

اَعْنَاقُهُمْ لَهَا خٰضِعِيْنَ ﴿٤﴾ وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنَ الرَّحْمٰنِ

عذاب) جي آڏو جهڪي پون ﴿٤﴾ ۽ انهن وٽ الله جي طرفان (قرآن جي) جيڪا به نئين نصيحت ايندي آهي،

مُحْدَثٍ اِلَّا كَانُوْا عَنْهُ مُعْرِضِيْنَ ۝٥ فَقَدْ كَذَّبُوْا فَسَيَاْتِيْهِمْ اَنْۢبٰٓؤُا

تنهن کان اهي منهن موڙيندڙ هوندا آهن ⑤ پوءِ بيشڪ اهي (رسول الله ﷺ ۽ قرآن کي) ڪوڙو ڪري چڪا، پوءِ

مَا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ۝٦ اَوَلَمْ يَرَوْا اِلَى الْاَرْضِ كَمْ اَنْۢبَتْنَا فِيْهَا

سگھوئي وٽن سندن ٺٺولين جون خبرون اچي وينديون ⑥ ڇا زمين ڏانهن نٿا ڏسن ته اسان منجهس هر قسم جون

مِنْ كُلِّ زَوْجٍ كَرِيْمٍ ۝٧ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ

ڪيتريون عمديون شيون اپايون آهن ⑦ بيشڪ ان ۾ (الله جي توحيد ۽ قدرت بابت) هڪ نشاني آهي ۽ انهن مان گهڻا

مُّؤْمِنِيْنَ ۝٨ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۝٩ ع وَاِذْ نَادٰى رَبُّكَ

ايمان آڻيندڙ نه آهن ⑧ ۽ (اي محمد ﷺ!) بيشڪ تنهنجو رب ئي غالب، رحم ڪندڙ آهي ⑨ ۽ (ياد ڪر) جڏهن (وڻ ۾ باهه ڏسڻ وقت)

مُوْسٰٓى اَنِ ائْتِ الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝١٠ لا قَوْمَ فِرْعَوْنَ ؕ اَلَا يَتَّقُوْنَ ۝١١

تنهنجي رب موسىٰ کي سڏي چيو ته ظالم قوم وٽ وڃ ⑩ فرعوني قوم وٽ، ڇا اهي (الله کان) نٿا ڊڄن، (جو ايمان نٿا آڻين؟) ⑪

قَالَ رَبِّ اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يُّكَذِّبُوْنِ ۝١٢ ط وَيَضِيْقُ صَدْرِيْ وَلَا

(موسىٰ عليه السلام) چيو ته رب منهنجا! بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو ته (متان) مون کي ڪوڙو ڪن ⑫ ۽ (سندن ڪوڙي ڪرڻ جي ڏپ

يَنْطَلِقُ لِسَانِيْ فَاَرْسِلْ اِلٰى هٰرُوْنَ ۝١٣ وَلَهُمْ عَلَيَّ ذَنْۢبٌ فَاَخَافُ

سبب) منهنجو سينو تنگ ٿي رهيو آهي ۽ منهنجي زبان اٽڪي رهي آهي، پوءِ هارون (عليه السلام) ڏانهن به فرشتو موڪل (جيئن

ڄاڻي ته پيغمبر آهي ۽ نبوّت جو فرض ادا ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪري.) ⑬ ۽ مون تي سندن (قبطي شخص جي قتل جي) هڪ ڏوهه

اَنْ يَّقْتُلُوْنِ ۝١٤ ج قَالَ كَلَّا ۚ فَاذْهَبَا بِاٰيٰتِنَآ اِنَّا مَعَكُمْ مُّسْتَمِعُوْنَ ۝١٥

(جي دعويٰ) آهي، ڊڄان ٿو ته متان مون کي قتل ڪن ⑭ (الله تعاليٰ) فرمايو ته هرگز نه! (تو کي قتل ڪري نه سگهندا)، پوءِ ٻئي

اسان جي نشانين سان وڃو. بيشڪ اسان توهان سان گڏ ٻڌڻ وارا آهيون (ته توهان کي ڪهڙو جواب ڏين ٿا.) ⑮ پوءِ ٻئي

فَاْتِيَا فِرْعَوْنَ فَقُوْلَآ اِنَّا رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝١٦ لا اَنْ اَرْسِلْ مَعَنَا

فرعون وٽ وڃي ڪيس چئو ته بيشڪ اسان جهانن جي رب جا پيغمبر آهيون ⑯ (پوءِ ايمان آڻ ۽) اسان سان گڏ بني اسرائيل

بَنِىٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٧﴾ قَالَ اَلَمْ نُرَبِّكَ فِيْنَا وَلِيْدًا وَّلَبِثْتَ فِيْنَا

كي (ملڪ شام وڃڻ جي) موڪل ڏي ﴿١٧﴾ (فرعون) چيو تہ ڇا اسان تو کي ٻار ڪري نہ پاليو ۽ تو اسان وٽ

مِنْ عُمُرِكَ سِنِيْنَ ﴿١٨﴾ وَفَعَلْتَ فَعْلَتَكَ الَّتِىْ فَعَلْتَ وَاَنْتَ مِنَ

پنهنجي عمر جا (ٽيهہ) سال گذاريا ﴿١٨﴾ ۽ تو اهو ڪم ڪيو، جيڪو تو ڪيو (يعني هڪڙي قبطيءَ کي قتل ڪيئي) ۽ تون

الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩﴾ قَالَ فَعَلْتُهَآ اِذًا وَّاَنَا مِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿٢٠﴾ فَفَرَرْتُ

ناشڪرو آهين ﴿١٩﴾ (موسيٰ) چيو تہ اهو ڪم مون ڪان تڏهن ٿيو، جڏهن آءٌ خطاڪار (۽ نبوّت ڪان بي خبر) هيس ﴿٢٠﴾ پوءِ

مِنْكُمْ لَمَّا خِفْتُكُمْ فَوَهَبَ لِىْ رَبِّىْ حُكْمًا وَّجَعَلَنِىْ مِنَ

جڏهن مون کي ڊپ ورتو تہ توهان ڪان ڀڄي ويس. پوءِ منهنجي ربّ مون کي حڪم (يعني نبوّت ۽ علم) بخشيو ۽ مون

الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢١﴾ وَتِلْكَ نِعْمَةٌ تَمُنُّهَا عَلَىَّ اَنْ عَبَّدْتَّ بَنِىٓ

کي پيغمبرن مان ڪيائين ﴿٢١﴾ ۽ جنهن نعمت جو مون تي احسان ڄاڻائين ٿو، (ان جو سبب هي آهي) تہ تو بني اسرائيل

اِسْرَآءِيْلَ ﴿٢٢﴾ قَالَ فِرْعَوْنُ وَمَا رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٣﴾ قَالَ رَبُّ السَّمٰوٰتِ

کي غلام بڻايو (نتيجي ۾ مون کي تو کي پالڻو پيو.) ﴿٢٢﴾ فرعون (بي عون) چيو تہ جهانن جو ربّ ڪير آهي (جنهن جي پيغمبريءَ
جي دعويٰ ڪرين ٿو؟) ﴿٢٣﴾ (موسيٰ عليہ السلام) چيو تہ جيڪو آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪا (مخلوق) منجهن آهي، سڀني جو ربّ آهي،

وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ؕ اِنْ كُنْتُمْ مُّوْقِنِيْنَ ﴿٢٤﴾ قَالَ لِمَنْ حَوْلَهٗٓ

جيڪڏهن يقين ڪندڙ آهيو (تہ پوءِ مٿس ايمان آڻيو.) ﴿٢٤﴾ (فرعون) پنهنجي چوڌاري ويٺل ماڻهن کي چيو تہ ڇا نٿا ٻڌو (تہ

اَلَا تَسْتَمِعُوْنَ ﴿٢٥﴾ قَالَ رَبُّكُمْ وَرَبُّ اٰبَآئِكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٦﴾ قَالَ اِنَّ

ڇا ٿو چوي؟) ﴿٢٥﴾ (موسيٰ عليہ السلام) چيو تہ توهان جو ۽ توهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو اهوئي ربّ آهي ﴿٢٦﴾ (فرعون) چيو تہ بيشڪ

رَسُوْلَكُمُ الَّذِىٓ اُرْسِلَ اِلَيْكُمْ لَمَجْنُوْنٌ ﴿٢٧﴾ قَالَ رَبُّ الْمَشْرِقِ وَ

توهان جو رسول، جيڪو توهان ڏانهن موڪليو ويو آهي، يقيناً ڪو چريو آهي ﴿٢٧﴾ (موسيٰ) چيو تہ اوڀر ۽ اولهہ ۽ جيڪي انهن

الْمَغْرِبِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۗ إِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُونَ ﴿٢٨﴾ قَالَ لَئِنِ اتَّخَذْتَ إِلَٰهًا

پنهي جي وچ ۾ آهي، تنهن جو ربّ آهي، جيڪڏهن توهين عقل رکو ٿا ﴿٢٨﴾ (فرعون) چيو ته (اي موسيٰ عليه السلام!) جيڪڏهن مون

غَيْرِي لَأَجْعَلَنَّكَ مِنَ الْمَسْجُونِينَ ﴿٢٩﴾ قَالَ أَوَلَوْ جِئْتُكَ بِشَيْءٍ

کان سواءِ تو ڪنهن ٻئي کي معبود بڻايو ته ضرور توکي قيد ڪندس ﴿٢٩﴾ (موسيٰ عليه السلام) چيو ته ڇا جيتوڻيڪ تووٽ روشن نشاني

مُبِينٍ ﴿٣٠﴾ قَالَ فَأْتِ بِهِ إِنْ كُنْتَ مِنَ الصَّادِقِينَ ﴿٣١﴾ فَأَلْقَىٰ عَصَاهُ

آڻيان؟ ﴿٣٠﴾ (فرعون) چيو ته چڱو اها آڻ، جيڪڏهن سچو آهين ﴿٣١﴾ پوءِ (موسيٰ) پنهنجي لٺ اڇلائي ته اها پڌرو (واسينگ)

ع ٢ فَإِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ مُبِينٌ ﴿٣٢﴾ وَنَزَعَ يَدَهُ فَإِذَا هِيَ بَيْضَاءُ لِلنَّاظِرِينَ ﴿٣٣﴾

نانگ ٿي پئي ﴿٣٢﴾ ۽ پنهنجو هٿ ڪڍيائين ته ڏسندڙن لاءِ (برص جي بيماريءَ کان آجو ۽) اڇو (۽ روشن) ٿي نڪتو ﴿٣٣﴾

قَالَ لِلْمَلَإِ حَوْلَهُ إِنَّ هَٰذَا لَسَاحِرٌ عَلِيمٌ ﴿٣٤﴾ يُرِيدُ أَنْ يُخْرِجَكُمْ مِنْ

(فرعون) پنهنجي چوڌاري ويٺل سردارن کي چيو ته پڪ هيءُ ته هڪ ڄاڻو جادوگر آهي ﴿٣٤﴾ توهان کي توهان جي سرزمين

أَرْضِكُمْ بِسِحْرِهِ فَمَاذَا تَأْمُرُونَ ﴿٣٥﴾ قَالُوا أَرْجِهْ وَأَخَاهُ وَابْعَثْ فِي

مان جادوءَ جي زور تي ڪڍڻ گهري ٿو، پوءِ توهان جي راءِ ڪهڙي آهي؟ ﴿٣٥﴾ انهن چيو ته ان کي ۽ سندس ڀاءُ کي ترساءِ ۽

الْمَدَائِنِ حَاشِرِينَ ﴿٣٦﴾ يَأْتُوكَ بِكُلِّ سَحَّارٍ عَلِيمٍ ﴿٣٧﴾ فَجُمِعَ السَّحَرَةُ

(ملڪ جي) شهرن ۾ ماڻهن جي گڏ ڪرڻ لاءِ (پنهنجن نوڪرن کي) موڪل ﴿٣٦﴾ ته (تووٽ) هر ماهر جادوگر کي آڻين ﴿٣٧﴾ پوءِ مقرر

لِمِيقَاتِ يَوْمٍ مَعْلُومٍ ﴿٣٨﴾ وَقِيلَ لِلنَّاسِ هَلْ أَنْتُمْ مُجْتَمِعُونَ ﴿٣٩﴾

ڏينهن (۽ جاءِ ۽ وقت تي) جادوگرن کي گڏ ڪيو ويو ﴿٣٨﴾ ۽ ماڻهن کي چيو ويو ته ڇا (مقابلو ڏسڻ لاءِ) توهان گڏ ٿيڻ وارا آهيو؟ ﴿٣٩﴾

لَعَلَّنَا نَتَّبِعُ السَّحَرَةَ إِنْ كَانُوا هُمُ الْغَالِبِينَ ﴿٤٠﴾ فَلَمَّا جَاءَ السَّحَرَةُ

شايد جيڪڏهن جادوگر غالب ٿين ته اسين سندن پويان هلون ﴿٤٠﴾ پوءِ جڏهن جادوگر آيا، ته فرعون کي چيائون

قَالُوْا لِفِرْعَوْنَ اَئِنَّ لَنَا لَاَجْرًا اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿٤١﴾ قَالَ

تہ جيڪڏهن اسان غالب ٿيون تہ ضرور اسان کي ڪو اجر (يعني انعام وغيره) تہ ملندو؟ ﴿٤١﴾ (فرعون) چيو تہ هائو!

نَعَمْ وَاِنَّكُمْ اِذًا لَّمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٤٢﴾ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰۤى اَلْقُوْا مَاۤ اَنْتُمْ

۽ توهين (منهنجي دربار ۾) مقرب ليکيا ويندا ﴿٤٢﴾ موسيٰ (عليه السلام) کين چيو تہ توهان کي جيڪي ڪجھ اڇلائڻو آهي،

مُّلْقُوْنَ ﴿٤٣﴾ فَاَلْقَوْا حِبَالَهُمْ وَعِصِيَّهُمْ وَقَالُوْا بِعِزَّةِ فِرْعَوْنَ اِنَّا

سو اڇلايو ﴿٤٣﴾ پوءِ انهن پنهنجيون رسيون ۽ پنهنجيون لٺيون اڇلايون ۽ چيائون تہ فرعون جي عزت جو قسم! بيشڪ

لَنَحْنُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٤٤﴾ فَاَلْقٰى مُوْسٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ تَلْقَفُ مَا

اسين ئي غالب آهيون ﴿٤٤﴾ پوءِ موسيٰ (عليه السلام) پنهنجي لٺ اڇلائي تہ ڏسندي ئي ڏسندي انهن شين کي ڳهي وئي،

يَاْفِكُوْنَ ﴿٤٥﴾ فَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ﴿٤٦﴾ قَالُوْۤا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٧﴾

جيڪي (جادوگر) ٺاهي آيا هئا ﴿٤٥﴾ پوءِ جادوگر سجدي ۾ ڪري پيا ﴿٤٦﴾ چيائون تہ اسان جهانن جي ربّ تي ايمان آندو ﴿٤٧﴾

رَبِّ مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿٤٨﴾ قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ج

موسيٰ (عليه السلام) ۽ هارون (عليه السلام) جي ربّ تي ﴿٤٨﴾ (فرعون) چيو تہ اڳ ان کان جو توهان کي اجازت ڏيان، توهان

اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِيْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ج فَلَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ط لَاُقَطِّعَنَّ

مٿس ايمان آندو ؟ پڪ اهو توهان جو ضرور وڏو (استاد) آهي، جنهن توهان کي جادو سيکاريو آهي. ڇڱو

اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّلَاُوصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٤٩﴾ ج قَالُوْا

اجهو ٿا (ان جي پڇاڙي) ڏسو! ضرور توهان جا هٿ ۽ توهان جا پير ابتا سبتا وڍائيندس ۽ ضرور توهان سڀني کي

لَا ضَيْرَ ز اِنَّاۤ اِلٰى رَبِّنَا مُنْقَلِبُوْنَ ﴿٥٠﴾ ج اِنَّا نَطْمَعُ اَنْ يَّغْفِرَ لَنَا رَبُّنَا

ڦاهيءَ تي چاڙهيندس ﴿٤٩﴾ انهن چيو تہ (تون اسان سان جيڪي ڪجھ بہ ڪندين، ان ۾ اسان لاءِ) ڪا نقصان جي ڳالھ نہ آهي.
بيشڪ اسين پنهنجي ربّ ڏانهن موٽڻ وارا آهيون ﴿٥٠﴾ بيشڪ اسين اميد رکون ٿا تہ اسان جو ربّ اسان جون خطائون بخشي، ڇاڪاڻ

ع ٣ ٤/٨

خَطٰيٰنَآ اَنْ كُنَّآ اَوَّلَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥١﴾ؕع وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنْ

تہ اسين سڀ کان اڳ ايمان آڻڻ وارا آهيون ﴿٥١﴾ ۽ موسىٰ ڏانهن وحي ڪيوسون تہ راتو رات منهنجن ٻانهن کي وٺي نڪر،

اَسْرِ بِعِبَادِيْٓ اِنَّكُمْ مُّتَّبَعُوْنَ ﴿٥٢﴾ فَاَرْسَلَ فِرْعَوْنُ فِي الْمَدَآئِنِ

بيشڪ (فرعونين جي طرفان) توهان جو پيڇو ڪيو ويندو ﴿٥٢﴾ پوءِ فرعون شهرن ۾ (فوجن کي) گڏ ڪرڻ جي لاءِ

حٰشِرِيْنَ ﴿٥٣﴾ۚ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَشِرْذِمَةٌ قَلِيْلُوْنَ ﴿٥٤﴾ۙ وَاِنَّهُمْ لَنَا

ماڻهو موڪليا ﴿٥٣﴾ (هن پيغام سان) تہ بيشڪ اهي ماڻهو (يعني اسرائيلي اسان جي پيٽ ۾) هڪڙي ننڍڙي ٽولي آهي، (سندن تعداد فقط ڇهہ لک ستر هزار آهي ۽ اسين بيشمار آهيون.) ﴿٥٤﴾ ۽ بيشڪ اهي (نافرماني ڪري)، اسان کي ڪاوڙائي رهيا

لَغَآئِظُوْنَ ﴿٥٥﴾ۙ وَاِنَّا لَجَمِيْعٌ حٰذِرُوْنَ ﴿٥٦﴾ؕ فَاَخْرَجْنٰهُمْ مِّنْ جَنّٰتٍ

آهن ﴿٥٥﴾ ۽ بيشڪ اسين سڀ هٿيار بند جماعت آهيون ﴿٥٦﴾ (الله فرمائي ٿو تہ) پوءِ کين ڪڍيوسون سندن باغن ۽ چشمن

وَّعُيُوْنٍ ﴿٥٧﴾ۙ وَّكُنُوْزٍ وَّمَقَامٍ كَرِيْمٍ ﴿٥٨﴾ۙ كَذٰلِكَ ؕ وَاَوْرَثْنٰهَا بَنِيْٓ

مان ﴿٥٧﴾ ۽ خزانن ۽ شاندار عمارتن مان ﴿٥٨﴾ اهڙي طرح (جيئن بيان ڪيوسون) ۽ انهن (شين) جو بني اسرائيل کي وارث

اِسْرَآءِيْلَ ﴿٥٩﴾ؕ فَاَتْبَعُوْهُمْ مُّشْرِقِيْنَ ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا تَرَآءَ الْجَمْعٰنِ قَالَ

ڪيوسون ﴿٥٩﴾ پوءِ انهن (فرعونين) سج اڀرڻ وقت سندن پيڇو ڪيو ﴿٦٠﴾ پوءِ جڏهن ٻنهي جماعتن هڪ ٻئي کي ڏٺو تہ موسىٰ جي

اَصْحٰبُ مُوْسٰٓى اِنَّا لَمُدْرَكُوْنَ ﴿٦١﴾ۚ قَالَ كَلَّا ۚ اِنَّ مَعِيَ رَبِّيْ

ساٿين چيو تہ بيشڪ اسين پڪڙيا وياسون ﴿٦١﴾ (ان) چيو تہ ائين هرگز نہ آهي (جيئن ڀانيو ٿا.) بيشڪ منهنجو ربّ مون سان

سَيَهْدِيْنِ ﴿٦٢﴾ فَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْبَحْرَ ؕ

گڏ آهي، اجهو ٿو مون کي رستو ڏيکاري ﴿٦٢﴾ پوءِ موسىٰ ڏانهن وحي ڪيوسون تہ سمنڊ تي پنهنجي لٺ هڻ.

فَانْفَلَقَ فَكَانَ كُلُّ فِرْقٍ كَالطَّوْدِ الْعَظِيْمِ ﴿٦٣﴾ۚ وَاَزْلَفْنَا ثَمَّ

پوءِ (سمنڊ) ڇيرجي پيو. پوءِ هر هڪ ڀاڱو وڏي جبل وانگر ٿي بيٺو ﴿٦٣﴾ ۽ پوين (يعني فرعونين) کي اتي ويجهو

الْاٰخَرِيْنَ ﴿٦٤﴾ وَاَنْجَيْنَا مُوْسٰى وَمَنْ مَّعَهٗۤ اَجْمَعِيْنَ ﴿٦٥﴾ ثُمَّ اَغْرَقْنَا

آندوسون ﴿٦٤﴾ ۽ موسيٰ (عليه السلام) ۽ جيڪي ساڻس گڏ هئا، انهن سڀني کي بچايوسون ﴿٦٥﴾ پوءِ پوين (يعني فرعونين)

الْاٰخَرِيْنَ ﴿٦٦﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٦٧﴾

کي ٻوڙيوسون ﴿٦٦﴾ بيشڪ انهيءَ (قصي) ۾ هڪڙي نشاني آهي ۽ انهن (مصرين) مان گهڻا ايمان آڻڻ وارا نه آهن، (بلڪ
انهن مان رڳو ٽن ڄڻن ايمان آندو، هر هڪ: فرعون جي زال آسيه، خربيل ۽ مريم ڏيءُ رائوسان.) ﴿٦٧﴾ ۽ بيشڪ تنهنجو

ع ١٤/٤ ٨ وقف لازم

وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿٦٨﴾ وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ اِبْرٰهِيْمَ ﴿٦٩﴾

ربّ ئي غالب، رحم ڪندڙ آهي ﴿٦٨﴾ ۽ (اي نبي اڪرم ﷺ!) انهن کي ابراهيم (عليه السلام) جي خبر پڙهي ٻڌاءِ ﴿٦٩﴾

اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖ مَا تَعْبُدُوْنَ ﴿٧٠﴾ قَالُوْا نَعْبُدُ اَصْنَامًا فَنَظَلُّ

جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيائين ته توهان ڪنهن کي ٿا پوڄيو؟ ﴿٧٠﴾ چيائون ته ڪن بتن کي پوڄيون ٿا،

لَهَا عٰكِفِيْنَ ﴿٧١﴾ قَالَ هَلْ يَسْمَعُوْنَكُمْ اِذْ تَدْعُوْنَ ﴿٧٢﴾ اَوْ يَنْفَعُوْنَكُمْ

پوءِ (سندن) مجاور ٿي ويهون ٿا ﴿٧١﴾ (ابراهيم عليه السلام) چيو ته جڏهن ڪين سڏيو ٿا ته ڇا توهان جو سڏ ٻڌن ٿا؟ ﴿٧٢﴾ يا

اَوْ يَضُرُّوْنَ ﴿٧٣﴾ قَالُوْا بَلْ وَجَدْنَاۤ اٰبَآءَنَا كَذٰلِكَ يَفْعَلُوْنَ ﴿٧٤﴾

(سندن پوڄا ڪريو ٿا ته) توهان کي فائدو ڏين ٿا (يا سندن پوڄا ڇڏي ڏيو ٿا ته ڇا) توهان کي نقصان ڏين ٿا؟ ﴿٧٣﴾ انهن
چيو ته بلڪ اسان ته پنهنجن ابن ڏاڏن کي ائين ڪندي ڏٺو آهي، (تنهن ڪري اسين سندن تقليد ڪري رهيا آهيون.) ﴿٧٤﴾

قَالَ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا كُنْتُمْ تَعْبُدُوْنَ ﴿٧٥﴾ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمُ

(ابراهيم عليه السلام) چيو ته ڏسو! جن (بتن) کي توهان پوڄيو ٿا ﴿٧٥﴾ توهان به ۽ توهان جا اڳيان ابا ڏاڏا به ﴿٧٦﴾ بيشڪ اهي سڀ

الْاَقْدَمُوْنَ ﴿٧٦﴾ فَاِنَّهُمْ عَدُوٌّ لِّيْۤ اِلَّا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٧٧﴾ الَّذِيْ خَلَقَنِيْ

منهنجا دشمن آهن، سواءِ جهانن جي ربّ جي (جنهن جي آءٌ بندگي ڪريان ٿو.) ﴿٧٧﴾ جنهن مون کي خلقيو آهي، پوءِ

فَهُوَ يَهْدِيْنِ ﴿٧٨﴾ وَالَّذِيْ هُوَ يُطْعِمُنِيْ وَيَسْقِيْنِ ﴿٧٩﴾ وَاِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ

مون کي (ديني ۽ دنياوي ڪمن ۾) اهو ئي رستو ڏيکاري ٿو ﴿٧٨﴾ ۽ اهو ئي مون کي کارائي ٿو ۽ پياري ٿو ﴿٧٩﴾ ۽ جڏهن بيمار

يَشْفِيْنِ ۝٨٠ وَالَّذِيْ يُمِيْتُنِيْ ثُمَّ يُحْيِيْنِ ۝٨١ وَالَّذِيْٓ اَطْمَعُ اَنْ

تيان ٿو تہ مون کي شفا بخشي ٿو ﴿٨٠﴾ ۽ جيڪو مون کي ماريندو، پوءِ جياريندو ﴿٨١﴾ ۽ اهو ئي آهي، جنهن جي باري ۾

يَّغْفِرَ لِيْ خَطِيْٓـَٔتِيْ يَوْمَ الدِّيْنِ ۝٨٢ رَبِّ هَبْ لِيْ حُكْمًا وَّاَلْحِقْنِيْ

اميد رکان ٿو تہ قيامت جي ڏينهن منهنجون خطائون بخشيندو ﴿٨٢﴾ ربّ منهنجا! مون کي حڪمت (۽ نبوّت) ڏي ۽ مون کي

بِالصّٰلِحِيْنَ ۝٨٣ وَاجْعَلْ لِّيْ لِسَانَ صِدْقٍ فِي الْاٰخِرِيْنَ ۝٨٤ وَاجْعَلْنِيْ

صالحن ۾ شامل فرماءِ ﴿٨٣﴾ ۽ پوين ۾ منهنجو ذڪر خير جاري فرماءِ ﴿٨٤﴾ ۽ مون کي نعمتن واري جنت جي

مِنْ وَّرَثَةِ جَنَّةِ النَّعِيْمِ ۝٨٥ وَاغْفِرْ لِاَبِيْٓ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الضَّاۗلِّيْنَ ۝٨٦

وارثن مان ڪر ﴿٨٥﴾ ۽ منهنجي پيءُ کي بخش، بيشڪ اهو گمراهن مان آهي ﴿٨٦﴾ جنهن ڏينهن ماڻهن کي اٿاريو

وَلَا تُخْزِنِيْ يَوْمَ يُبْعَثُوْنَ ۝٨٧ يَوْمَ لَا يَنْفَعُ مَالٌ وَّلَا بَنُوْنَ ۝٨٨ اِلَّا

ويندو، ان ڏينهن مون کي خوار نہ ڪجانءِ ﴿٨٧﴾ جنهن ڏينهن نہ مال فائدو ڏيندو ۽ نہ پٽ ﴿٨٨﴾ مگر جنهن الله وٽ

مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ۝٨٩ وَاُزْلِفَتِ الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ۝٩٠ وَبُرِّزَتِ

(شرڪ ۽ سرڪشيءَ کان پاڪ ۽) سالم دل آندي ﴿٨٩﴾ ۽ جنت کي پرهيزگارن جي ويجهو ڪيو ويندو ﴿٩٠﴾ ۽ دوزخ کي

الْجَحِيْمُ لِلْغٰوِيْنَ ۝٩١ وَقِيْلَ لَهُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ تَعْبُدُوْنَ ۝٩٢ مِنْ

گمراهن جي سامهون آندو ويندو ﴿٩١﴾ ۽ کين چيو ويندو تہ جن کي توهان پوڄيندا هئا، اهي ڪٿي آهن؟ ﴿٩٢﴾ الله کان

دُوْنِ اللّٰهِ ۭ هَلْ يَنْصُرُوْنَكُمْ اَوْ يَنْتَصِرُوْنَ ۝٩٣ فَكُبْكِبُوْا فِيْهَا

سواءِ، ڇا اهي توهان جي مدد ڪن ٿا، يا پاڻ بدلو وٺي سگهن ٿا؟ ﴿٩٣﴾ پوءِ اهي بت ۽ گمراه ماڻهو اونڌا دوزخ

هُمْ وَالْغَاوٗنَ ۝٩٤ وَجُنُوْدُ اِبْلِيْسَ اَجْمَعُوْنَ ۝٩٥ قَالُوْا وَهُمْ فِيْهَا

۾ اڇلايا ويندا ﴿٩٤﴾ ۽ ابليس جو سڀ لشڪر (۽ سندس پوڄاري بہ اڇلايا ويندا) ﴿٩٥﴾ اتي پاڻ ۾ جهڳڙو ڪندي هڪ ٻئي کي

يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٩٦﴾ تَاللّٰهِ اِنْ كُنَّا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٩٧﴾ اِذْ نُسَوِّيْكُمْ بِرَبِّ

چوندا ﴿٩٦﴾ تہ اللہ جو قسم! اسين تہ پڌري گمراهيءَ ۾ هئاسون ﴿٩٧﴾ جڏهن توهان کي جهانن جي ربّ (اللہ) جي برابر

الْعٰلَمِيْنَ ﴿٩٨﴾ وَمَآ اَضَلَّنَآ اِلَّا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٩٩﴾ فَمَا لَنَا مِنْ

نهرائيندا هئاسون ﴿٩٨﴾ ۽ ڏوهارين (جهڙوڪ شيطان، قابيل ۽ ٻين اڳواڻن) ئي اسان کي گمراه ڪيو ﴿٩٩﴾ پوءِ اسان جو

شَافِعِيْنَ ﴿١٠٠﴾ وَلَا صَدِيْقٍ حَمِيْمٍ ﴿١٠١﴾ فَلَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَكُوْنَ مِنَ

ڪو سفارشي نہ آهي ﴿١٠٠﴾ ۽ نہ ڪو غمخوار دوست آهي ﴿١٠١﴾ پوءِ جيڪر اسان کي (دنيا ۾) ٻيهر موٽليو وڃي تہ اسين

الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٢﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾

مؤمن ٿيون ﴿١٠٢﴾ بيشڪ ان ۾ هڪڙي نشاني آهي ۽ انهن مان گهڻا ايمان وارا نہ آهن ﴿١٠٣﴾ ۽ بيشڪ تنهنجو ربّ

وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٤﴾ ع كَذَّبَتْ قَوْمُ نُوْحِ ِۨ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٠٥﴾ ۚۖ

ئي غالب، رحم ڪندڙ آهي ﴿١٠٤﴾ نوح (عليہ السلام) جي قوم رسولن کي ڪوڙو ڪيو ﴿١٠٥﴾ جڏهن کين سندن (نسبي)

اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ نُوْحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٠٦﴾ ۚ اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ

ڀاءُ نوح (عليہ السلام) چيو تہ ڇا (شرڪ ۽ نافرمانيءَ کان) نٿا بچو؟ ﴿١٠٦﴾ بيشڪ آءٌ توهان لاءِ امانتدار رسول

اَمِيْنٌ ﴿١٠٧﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٠٨﴾ ۚ وَمَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ

آهيان ﴿١٠٧﴾ پوءِ اللہ کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪريو ﴿١٠٨﴾ ۽ انهيءَ (رسالت جي ڪم) تي توهان کان ڪو اجر نٿو

اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٩﴾ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١١٠﴾ ؕ

گهران. منهنجو اجر تہ جهانن جي پالڻهار تي آهي ﴿١٠٩﴾ پوءِ اللہ کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو ﴿١١٠﴾ انهن چيو تہ ڇا توتي

قَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ لَكَ وَاتَّبَعَكَ الْاَرْذَلُوْنَ ﴿١١١﴾ ؕ قَالَ وَمَا عِلْمِيْ بِمَا

ايمان آڻيون؟ ۽ جن ماڻهن تنهنجي پيروي ڪئي آهي، اهي (نسب، پيشي ۽ مال ۾) ڪريل آهن ﴿١١١﴾ (نوح عليہ السلام) چيو

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١١٢﴾ اِنْ حِسَابُهُمْ اِلَّا عَلٰى رَبِّيْ لَوْ تَشْعُرُوْنَ ﴿١١٣﴾ وَ

تہ مون کي کھڙي خبر تہ اھي ڇا ڇا ڪن ﴿١١٢﴾ سندن حساب منھنجي ربّ تي آھي. جيڪر! توھان سمجھو (تہ منجھن

مَآ اَنَا بِطَارِدِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٤﴾ اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١١٥﴾ قَالُوْا لَئِنْ

عيب نہ ڪيو.) ﴿١١٣﴾ ۽ آءٌ مؤمنن کي تڙڻ وارو نہ آھيان ﴿١١٤﴾ آءٌ تہ پڌرو ڊيڄاريندڙ آھيان ﴿١١٥﴾ انھن چيو تہ اي نوح! جيڪڏھن

لَّمْ تَنْتَهِ يٰنُوْحُ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْمَرْجُوْمِيْنَ ﴿١١٦﴾ قَالَ رَبِّ اِنَّ

(پنھنجي دعوت کان) نہ مُڙيندين تہ ضرور توکي پٿر ڇٽي ماريو ويندو ﴿١١٦﴾ (نوح عليہ السلام) چيو تہ ربّ منھنجا! بيشڪ

قَوْمِيْ كَذَّبُوْنِ ﴿١١٧﴾ فَافْتَحْ بَيْنِيْ وَبَيْنَهُمْ فَتْحًا وَّنَجِّنِيْ وَمَنْ مَّعِيَ

منھنجي قوم مون کي ڪوڙو ڪيو ﴿١١٧﴾ پوءِ منھنجي ۽ سندن وچ ۾ ھڪ قطعي فيصلو فرماءِ ۽ مون کي ۽ مون سان گڏ

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٨﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ فِي الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١١٩﴾

جيڪي مؤمن آھن، انھن کي نجات ڏي ﴿١١٨﴾ پوءِ کيس ۽ جيڪي ساڻس ڀريل ٻيڙيءَ ۾ گڏ ھئا، تن کي نجات ڏني سون ﴿١١٩﴾

ثُمَّ اَغْرَقْنَا بَعْدُ الْبٰقِيْنَ ﴿١٢٠﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۗ وَمَا كَانَ

پوءِ ان کان بعد باقي ماڻھن (يعني ڪافرن) کي ٻوڙي ڇڏيوسون ﴿١٢٠﴾ بيشڪ ان (قصي) ۾ يقينًا ھڪ نشاني آھي ۽ انھن

اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٢١﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٢٢﴾ كَذَّبَتْ

مان گھڻا ايمان آڻڻ وارا نہ ھئا ﴿١٢١﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) بيشڪ تنھنجو ربّ ئي غالب، رحم ڪندڙ آھي ﴿١٢٢﴾ عاد جي قوم

عَادُ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٢٣﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ هُوْدٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٢٤﴾

پيغمبرن کي ڪوڙو ڪيو ﴿١٢٣﴾ جڏھن کين سندن ڀاءُ ھود (عليہ السلام) چيو تہ ڇا توھان (الله تعاليٰ کان) نٿا ڊڄو؟ ﴿١٢٤﴾

اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٢٥﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٢٦﴾ وَمَآ اَسْئَلُكُمْ

بيشڪ آءٌ توھان لاءِ امانتدار رسول آھيان ﴿١٢٥﴾ پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منھنجي فرمانبرداري ڪريو ﴿١٢٦﴾ ۽ ان تي توھان

عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢٧﴾ اَتَبْنُوْنَ

کان اجر نٿو گهران، بيشڪ منهنجو اجر جهانن جي ربّ (الله) تي آهي ﴿١٢٧﴾ ڇا توهان هر مٿانهين جاءِ تي اجايو

بِكُلِّ رِيْعٍ اٰيَةً تَعْبَثُوْنَ ﴿١٢٨﴾ وَ تَتَّخِذُوْنَ مَصَانِعَ لَعَلَّكُمْ

ڪا نہ ڪا نشاني ٺاهيندا وتو ٿا (۽ اجايون حرڪتون مثلاً ڪبوتر بازي وغيره ڪريو ٿا.) ﴿١٢٨﴾ ۽ محلَ ۽ قلعا ٺاهيو ٿا ؟

تَخْلُدُوْنَ ﴿١٢٩﴾ وَ اِذَا بَطَشْتُمْ بَطَشْتُمْ جَبَّارِيْنَ ﴿١٣٠﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ

شايد توهان (هن دنيا ۾) هميشه رهندا (تنهن ڪري آخرت جو ڪو فڪرئي نٿا ڪريو.) ﴿١٢٩﴾ ۽ جڏهن (الله جي ٻانهن ڪي)
پڪڙيو ٿا تہ ظالمن وانگر پڪڙيو ٿا (۽ انهن ڪي ظالمن وانگر قتڪن ۽ ڏنڊن سان ماريو ٿا؟) ﴿١٣٠﴾ پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي

اَطِيْعُوْنِ ﴿١٣١﴾ وَ اتَّقُوا الَّذِيْٓ اَمَدَّكُمْ بِمَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ اَمَدَّكُمْ

تابعداري ڪريو ﴿١٣١﴾ ۽ الله کان ڊڄو جنهن توهان ڪي انهن شين ۾ وڌايو، جن ڪي توهان ڄاڻو ٿا ﴿١٣٢﴾ ان توهان

بِاَنْعَامٍ وَّ بَنِيْنَ ﴿١٣٣﴾ وَجَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿١٣٤﴾ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ

ڪي مال مويشي ۽ اولاد ۾ وڌايو ﴿١٣٣﴾ ۽ باغن ۽ چشمن ۾ (وڌايو.) ﴿١٣٤﴾ بيشڪ (اي ظالمو!) آءُ توهان تي

يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٣٥﴾ قَالُوْا سَوَآءٌ عَلَيْنَآ اَوَعَظْتَ اَمْ لَمْ تَكُنْ مِّنَ

وڏي ڏينهن جي عذاب اچڻ کان ڊڄان ٿو ﴿١٣٥﴾ انهن چيو تہ اسان لاءِ برابر آهي تہ تون نصيحت ڪرين يا نصيحت نہ

الْوٰعِظِيْنَ ﴿١٣٦﴾ اِنْ هٰذَآ اِلَّا خُلُقُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣٧﴾ وَمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿١٣٨﴾

ڪرين ﴿١٣٦﴾ (اسان لاءِ تنهنجي) اها (دعوت) رڳو اڳين جي (ڪوڙي) عادت آهي ﴿١٣٧﴾ ۽ نہ وري اسان ڪي عذاب ڏنو ويندو ﴿١٣٨﴾

فَكَذَّبُوْهُ فَاَهْلَكْنٰهُمْ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۭ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ

پوءِ هود (عليه السلام) ڪي ڪوڙو ڪيائون، پوءِ ڪين هلاڪ ڪري ڇڏيوسون. بيشڪ انهيءَ (قصي) ۾ هڪ نشاني آهي ۽ انهن

مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٩﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٤٠﴾ كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ ع ١٨

مان گهڻا ايمان وارا نہ هئا ﴿١٣٩﴾ ۽ بيشڪ تنهنجو ربّ ئي غالب، رحم ڪندڙ آهي ﴿١٤٠﴾ (صالح عليه السلام جي قوم) ثمود

الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٤١﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ صٰلِحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٤٢﴾ اِنِّيْ

پيغمبرن کي ڪوڙو ڪيو ﴿١٤١﴾ جڏهن سندن (نسبي) ڀاءُ صالح (عليه السلام) کين چيو ته ڇا (الله کان) نٿا ڊڄو ؟ ﴿١٤٢﴾ بيشڪ آءٌ

لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٤٣﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٤٤﴾ وَمَآ اَسْئَلُكُمْ

توهان لاءِ امانتدار رسول آهيان ﴿١٤٣﴾ پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪريو ﴿١٤٤﴾ ۽ آءٌ الله جي پيغام جي

عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٤٥﴾ اَتُتْرَكُوْنَ

پهچائڻ تي توهان کان ڪو اجر نٿو گهران. منهنجو اجر رڳو جهانن جي ربّ تي آهي ﴿١٤٥﴾ ڇا (توهان ڀانيو ٿا ته) جيڪي

فِيْ مَا هٰهُنَآ اٰمِنِيْنَ ﴿١٤٦﴾ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿١٤٧﴾ وَّزُرُوْعٍ وَّنَخْلٍ طَلْعُهَا

شيون (توهان کي نصيب آهن)، تن ۾ (ائين ئي) توهان کي بيخوف ڇڏي ڏنو ويندو (۽ توهان تي موت ، زوال ۽ عذاب
اچڻ وارو نه آهي؟) ﴿١٤٦﴾ (يعني سدائين) باغن ۽ چشمن ۾ (رهندا) ﴿١٤٧﴾ ۽ پوکن ۽ کجين (۽ نخلستانن) ۾، جن جا ميوا

هَضِيْمٌ ﴿١٤٨﴾ وَتَنْحِتُوْنَ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا فٰرِهِيْنَ ﴿١٤٩﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ

نرم ۽ نازڪ آهن ﴿١٤٨﴾ ۽ توهان جبلن کي تڪي انهن ۾ گهر ٺاهي وڏي ٺاٺ سان رهو ٿا؟ ﴿١٤٩﴾ پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي

وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٥٠﴾ وَلَا تُطِيْعُوْٓا اَمْرَ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿١٥١﴾ الَّذِيْنَ يُفْسِدُوْنَ فِي

فرمانبرداري ڪريو ﴿١٥٠﴾ ۽ حد کان لنگهندڙ ماڻهن جي پيروي نه ڪريو ﴿١٥١﴾ جيڪي (ڪفر ۽ نافرماني ڪندي)

الْاَرْضِ وَلَا يُصْلِحُوْنَ ﴿١٥٢﴾ قَالُوْٓا اِنَّمَآ اَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِيْنَ ﴿١٥٣﴾

زمين ۾ فساد ڪري رهيا آهن ۽ اصلاح نٿا ڪن ﴿١٥٢﴾ انهن چيو ته تون ته دراصل هڪ جادو ڪيل شخص آهين ﴿١٥٣﴾

مَآ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا فَاْتِ بِاٰيَةٍ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١٥٤﴾

نه آهين تون، مگر اسان جهڙو هڪڙو انسان. پوءِ جيڪڏهن سچو آهين ته ڪا نشاني آڻي ڏيکار ﴿١٥٤﴾

قَالَ هٰذِهٖ نَاقَةٌ لَّهَا شِرْبٌ وَّلَكُمْ شِرْبُ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿١٥٥﴾ وَلَا

(صالح (عليه السلام)) چيو ته (ٽڪريءَ مان نڪتل) هيءَ هڪڙي ڏاچي آهي، (جنهن اتي جو اتي ڪجهه ڦر ڏنا، اها توهان لاءِ نشاني
آهي)، پاڻي پيئڻ لاءِ هڪ ڏينهن ڏاچيءَ جي واري مقرر آهي ۽ هڪ (ڏينهن) توهان جي واري مقرر آهي ﴿١٥٥﴾ ۽ ان

تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابُ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿۱۵۶﴾ فَعَقَرُوْهَا

کي بري نيت سان هٿ نہ لايو، نہ تہ توهان کي وڏي ڏينهن جو عذاب پڪڙيندو ﴿۱۵۶﴾ پوءِ انهن ان کي ماري ڇڏيو.

فَاَصْبَحُوْا نٰدِمِيْنَ ﴿۱۵۷﴾ فَاَخَذَهُمُ الْعَذَابُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ

پوءِ اهي پشيمان ٿيا ﴿۱۵۷﴾ پوءِ انهن کي عذاب اچي پڪڙيو، بيشڪ انهيءَ (جزاء سزا جي واقعي) ۾ يقيناً

وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۵۸﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۵۹﴾ ع ع ۸ ۱۹ ۱۲

(مخلوق سان مڪر ۽ فريب ڪندڙ ظالمن جي لاءِ) هڪڙي نشاني آهي ۽ انهن مان گهڻا ايمان آڻڻ وارا نہ هئا ﴿۱۵۸﴾ ۽ (اي
رسولن جا سردار ﷺ!) بيشڪ تنهنجو ربّ ئي (ظالمن جي مٿان) غالب (۽ مظلومن جي مٿان) رحم ڪندڙ آهي ﴿۱۵۹﴾

كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطِ ِۨ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۱۶۰﴾ ۚۖ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ لُوْطٌ اَلَا

لوط (عليه السلام) جي قوم رسولن کي ڪوڙو ڪيو ﴿۱۶۰﴾ جڏهن کين سندن (نسبي) ڀاءُ لوط (عليه السلام) چيو تہ ڇا توهان

تَتَّقُوْنَ ﴿۱۶۱﴾ ۚ اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿۱۶۲﴾ ۙ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿۱۶۳﴾ ۚ

نٿا ڊڄو ﴿۱۶۱﴾ بيشڪ آءٌ توهان لاءِ امانتدار رسول آهيان ﴿۱۶۲﴾ پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪريو ﴿۱۶۳﴾

وَمَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۶۴﴾ ؕ

۽ آءٌ انهيءَ (رسالت جي پهچائڻ) تي توهان کان اجر نٿو گهران. منهنجو اجر تہ جهانن جي ربّ (الله) تي آهي ﴿۱۶۴﴾

اَتَاْتُوْنَ الذُّكْرَانَ مِنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۶۵﴾ ۙ وَتَذَرُوْنَ مَا خَلَقَ لَكُمْ

ڇا توهان دنيا وارن مان مردن وٽ (شهوت پوري ڪرڻ لاءِ) اچو ٿا ﴿۱۶۵﴾ ۽ توهان لاءِ توهان جي ربّ جيڪي زالون پيدا

رَبُّكُمْ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ عٰدُوْنَ ﴿۱۶۶﴾ قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ

ڪيون آهن، تن کي ڇڏي ڏيو ٿا؟ بلڪ توهان حد کان لنگهندڙ قوم آهيو ﴿۱۶۶﴾ انهن چيو تہ اي لوط! جيڪڏهن باز نہ ايندين تہ

يٰلُوْطُ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُخْرَجِيْنَ ﴿۱۶۷﴾ قَالَ اِنِّيْ لِعَمَلِكُمْ مِّنَ الْقَالِيْنَ ﴿۱۶۸﴾ ؕ

ضرور تو کي شهر نيڪالي ڏني ويندي ﴿۱۶۷﴾ (لوط) چيو تہ بيشڪ آءٌ توهان جي عمل کان سخت نفرت ڪندڙ آهيان ﴿۱۶۸﴾

رَبِّ نَجِّنِيْ وَاَهْلِيْ مِمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٦٩﴾ فَنَجَّيْنٰهُ وَاَهْلَهٗٓ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٧٠﴾ اِلَّا

رَبِّ منهنجا! مون کي ۽ منهنجن گهر وارن کي انهن ڪمن کان نجات ڏي، جيڪي اهي ڪن ٿا ﴿١٦٩﴾ پوءِ ڪيس ۽ سندس گهر

عَجُوْزًا فِي الْغٰبِرِيْنَ ﴿١٧١﴾ ثُمَّ دَمَّرْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿١٧٢﴾ وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ

وارن سڀني کي بچايوسون ﴿١٧٠﴾ سواءِ هڪڙي پوڙهيءَ عورت جي (يعني لوط عليه السلام جي زال کان سواءِ) جيڪا پوئتي رهڻ
وارن مان هئي ﴿١٧١﴾ پوءِ ٻين کي تهس نهس ڪري ڇڏيوسون ﴿١٧٢﴾ ۽ انهن تي (پٿرن جو) مينهن وسايوسون. پوءِ

مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿١٧٣﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۗ وَمَا كَانَ

ڊيڄاريلن ماڻهن تي (وسايل) مينهن ڏاڍو بڇڙو هو ﴿١٧٣﴾ بيشڪ ان ۾ هڪڙي نشاني (۽ عبرت) آهي ۽ انهن مان گهڻا

اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٧٤﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٧٥﴾ كَذَّبَ

ايمان وارا نه هئا ﴿١٧٤﴾ ۽ بيشڪ تنهنجو رب ئي غالب، رحم ڪندڙ آهي ﴿١٧٥﴾ ۽ اصحاب الايڪة (يعني ڪوهه

اَصْحٰبُ لْئَيْكَةِ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٧٦﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ شُعَيْبٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٧٧﴾

وارن) رسولن کي ڪوڙو ڪيو ﴿١٧٦﴾ جڏهن کين شعيب (عليه السلام) چيو ته ڇا توهان (الله تعاليٰ کان) نٿا ڊڄو؟ ﴿١٧٧﴾

اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٧٨﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٧٩﴾ وَمَآ

بيشڪ آءٌ توهان لاءِ امانتدار رسول آهيان ﴿١٧٨﴾ پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪريو ﴿١٧٩﴾ ۽ (رسالت جي

اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٨٠﴾ اَوْفُوا

هن تبليغ) تي، آءٌ توهان کان ڪو اجر نٿو گهران، بيشڪ منهنجو اجر ته جهانن جي رب (الله تعاليٰ) تي آهي ﴿١٨٠﴾ ماپ

الْكَيْلَ وَلَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُخْسِرِيْنَ ﴿١٨١﴾ وَزِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيْمِ ﴿١٨٢﴾

پوري ڪريو ۽ انهن ماڻهن مان نه ٿيو، جيڪي ماپ، تور گهٽ ڪري ڏين ٿا ﴿١٨١﴾ ۽ تارازي سڌي پڪڙي، تور ڪندا ڪريو ﴿١٨٢﴾

وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿١٨٣﴾

۽ ماڻهن کي انهن جون شيون گهٽ ڪري نه ڏيو ۽ زمين ۾ فسادي ٿي نه ڦرو (يعني منجهس فتنو فساد نه ڪريو.) ﴿١٨٣﴾

وَاتَّقُوا الَّذِیْ خَلَقَكُمْ وَ الْجِبِلَّةَ الْاَوَّلِیْنَ ﴿۱۸۴﴾ قَالُوْۤا اِنَّمَاۤ اَنْتَ

۽ الله تعاليٰ کان ڊڄو، جنھن توھان کي ۽ توھان کان اڳئين مخلوق کي پيدا ڪيو آھي ﴿۱۸۴﴾ انھن چيو تہ دراصل

مِنَ الْمُسَحَّرِیْنَ ﴿۱۸۵﴾ وَ مَاۤ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا وَ اِنْ نَّظُنُّكَ لَمِنَ

تون تہ جادو ڪيل شخص آھين ﴿۱۸۵﴾ ۽ تون تہ رڳو اسان وانگر ھڪڙو انسان آھين ۽ يقينًا اسين تہ تو کي ڪوڙن

الْكٰذِبِیْنَ ﴿۱۸۶﴾ فَاَسْقِطْ عَلَیْنَا كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ اِنْ كُنْتَ مِنَ

ماڻھن مان ڀانيون ٿا ﴿۱۸۶﴾ پوءِ اسان تي آسمان مان ڪا ڇپ ڪيراءِ، جيڪڏھن تون سچن ماڻھن مان

الصّٰدِقِیْنَ ﴿۱۸۷﴾ قَالَ رَبِّیْۤ اَعْلَمُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸۸﴾ فَكَذَّبُوْهُ

آھين ﴿۱۸۷﴾ (شعيب عليه السلام) چيو تہ جيڪي ڪم توھان ڪري رھيا آھيو، منھنجو ربّ انھن کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو ﴿۱۸۸﴾ پوءِ ڪيس ڪوڙو

فَاَخَذَهُمْ عَذَابُ یَوْمِ الظُّلَّةِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَذَابَ یَوْمٍ عَظِیْمٍ ﴿۱۸۹﴾

ڪيائون، پوءِ کين (ڪڪرن جي) ڇانوَ واري ڏينھن جي عذاب پڪڙيو (يعني مٿن ساڙيندڙ جھولو آيو، جنھن کان بچڻ لاءِ جھنگ جو
رخ ڪيائون، جتي ڪڪر ڏٺائون، اتي آيا تہ مٿن باھ جي بارش ٿي، پوءِ سڀ سڙي رک ٿي ويا.) بيشڪ اھو وڏي ڏينھن جو عذاب ھو ﴿۱۸۹﴾

اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِیْنَ ﴿۱۹۰﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ

بيشڪ ان (عذاب جي واقعي) ۾ ھڪ نشاني آھي ۽ انھن مان گھڻا ايمان وارا نہ ھئا ﴿۱۹۰﴾ ۽ بيشڪ تنھنجو ربّ ئي

لَهُوَ الْعَزِیْزُ الرَّحِیْمُ ﴿۱۹۱﴾ ع وَ اِنَّهٗ لَتَنْزِیْلُ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿۱۹۲﴾ نَزَلَ

غالب رحم ڪندڙ آھي ﴿۱۹۱﴾ ۽ بيشڪ ھيءُ (قرآن) جھانن جي ربّ جي طرفان لاٿل آھي ﴿۱۹۲﴾ جنھن کي روح الامين

بِهِ الرُّوْحُ الْاَمِیْنُ ﴿۱۹۳﴾ عَلٰی قَلْبِكَ لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُنْذِرِیْنَ ﴿۱۹۴﴾

(يعني جبرئيل عليه السلام) لاٿو آھي ﴿۱۹۳﴾ تنھنجي (پاڪ) دل تي (اي اصفياءَ جا خلاصه ۽ نبين جا سردار ﷺ!) جيئن (ماڻھن

بِلِسَانٍ عَرَبِیٍّ مُّبِیْنٍ ﴿۱۹۵﴾ وَ اِنَّهٗ لَفِیْ زُبُرِ الْاَوَّلِیْنَ ﴿۱۹۶﴾ اَوَ لَمْ

کي) ديڄارين ﴿۱۹۴﴾ پڌري عربي ٻوليءَ ۾ آھي ﴿۱۹۵﴾ ۽ بيشڪ انھيءَ (جي خبر) اڳين ڪتابن (توريت، انجيل) ۾ بہ آھي ﴿۱۹۶﴾

يَكُنْ لَّهُمْ اٰيَةً اَنْ يَّعْلَمَهٗ عُلَمٰٓؤُا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٩٧﴾ؕ وَلَوْ نَزَّلْنٰهُ

چا انهن (مشرڪن ۽ ڪافرن) لاءِ (حضرت محمد ﷺ جن جي) اها نشاني نہ آهي تہ سندن (سچائي) ڪي بنو اسرائيل جا عالم ڄاڻن ٿا
؟ (يعني حضرت عبدالله بن سلام رضي الله عنه ۽ سندس ساٿي) ﴿١٩٧﴾ ۽ جيڪڏهن اسين هن (قرآن) کي (عربيءَ کان سواءِ) عجمي (ٻولي

عَلٰى بَعْضِ الْاَعْجَمِيْنَ ﴿١٩٨﴾ۙ فَقَرَاَهٗ عَلَيْهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ

ڳالهائيندڙن مان ڪنهن شخص تي لاهيون ها ﴿١٩٨﴾ پوءِ اهو مٿن قرآن پڙهي ها، تڏهن بہ اهي (قريش جا ماڻهو) ان تي
ايمان آڻڻ وارا نہ هئا، (ڇاڪاڻ تہ اهي ڌاري ٻولي سمجهي نہ سگهن ها، يا ان جي پيروي ڪرڻ ۾ پنهنجي لاءِ عار

مُؤْمِنِيْنَ ﴿١٩٩﴾ؕ كَذٰلِكَ سَلَكْنٰهُ فِيْ قُلُوْبِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٢٠٠﴾ؕ لَا يُؤْمِنُوْنَ

محسوس ڪن ها.) ﴿١٩٩﴾ اهڙيءَ طرح (شڪ، شرڪ ۽ انڪار) کي گنهگارن جي (ناپاڪ) دلين ۾ وڌوسون ﴿٢٠٠﴾ اهي هن (قرآن

بِهٖ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٢٠١﴾ۙ فَيَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ

تي) ايمان نہ آڻيندا، جيستائين ڏکوئيندڙ عذاب (نہ) ڏسندا ﴿٢٠١﴾ پوءِ عذاب انهن تي اوچتو ايندو ۽ انهن کي خبر بہ

لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٠٢﴾ۙ فَيَقُوْلُوْا هَلْ نَحْنُ مُنْظَرُوْنَ ﴿٢٠٣﴾ؕ اَفَبِعَذَابِنَا

نہ پوندي ﴿٢٠٢﴾ پوءِ اهي چوندا تہ ڇا اسان کي مهلت ڏني ويندي؟ ﴿٢٠٣﴾ ڇا پوءِ اهي اسان جي عذاب جي باري ۾ جلدي

يَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿٢٠٤﴾ اَفَرَءَيْتَ اِنْ مَّتَّعْنٰهُمْ سِنِيْنَ ﴿٢٠٥﴾ۙ ثُمَّ جَآءَهُمْ

ڪري رهيا آهن ؟ ﴿٢٠٤﴾ ڇا پوءِ (اي مُحَمَّدُ ﷺ!) توڏٺو تہ جيڪڏهن سالن تائين کين فائدو پهچايون ﴿٢٠٥﴾ پوءِ مٿن (اهو عذاب)

مَّا كَانُوْا يُوْعَدُوْنَ ﴿٢٠٦﴾ۙ مَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يُمَتَّعُوْنَ ﴿٢٠٧﴾ؕ

اچي، جنهن جو ساڻن وعدو ڪيو ويجي ٿو ﴿٢٠٦﴾ تہ جيڪي فائدا اهي وٺن ٿا، اهي (بہ تہ کين عذاب کان) نہ بچائيندا ﴿٢٠٧﴾

وَمَآ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ اِلَّا لَهَا مُنْذِرُوْنَ ﴿٢٠٨﴾ۖ ذِكْرٰى ۛ وَمَا كُنَّا

۽ اسان جنهن بہ ڳوٺ کي هلاڪ ڪندا آهيون، ضرور ان لاءِ ڊيڄاريندڙ هوندا آهن ﴿٢٠٨﴾ جيئن نصيحت وٺن ۽ اسين ظلم

مع عند المتقدمين

ظٰلِمِيْنَ ﴿٢٠٩﴾ وَمَا تَنَزَّلَتْ بِهِ الشَّيٰطِيْنُ ﴿٢١٠﴾ وَمَا يَنْۢبَغِيْ لَهُمْ وَمَا

ڪرڻ وارا نہ آهيون ﴿٢٠٩﴾ ۽ هن (قرآن) کي شيطانن ناهي لاٿو، (جيئن انساني شيطان ۽ لعنتي ماڻهو قرآن جي باري

يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٢١١﴾ؕ اِنَّهُمْ عَنِ السَّمْعِ لَمَعْزُوْلُوْنَ ﴿٢١٢﴾ؕ فَلَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ

۾ اها نسبت ڪن ٿا.) ﴿٢١٠﴾ ۽ نڪي قرآن ڪي آڻڻ انهن (شيطانن) جو شان آهي ۽ نڪي اهي ان جي سگهه رکن ٿا ﴿٢١١﴾ بيشڪ ڪين
(آسماني ڳالهين جي) ٻڌڻ کان (تارن جي امازين جي وسيلي) روڪيو ويندو آهي ﴿٢١٢﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ!) الله سان گڏ ٻئي

اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَكُوْنَ مِنَ الْمُعَذَّبِيْنَ ﴿٢١٣﴾ۚ وَ اَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ

ڪنهن معبود کي نہ سڏ، نہ تہ عذاب ڪيل ماڻهن مان ٿيندين ﴿٢١٣﴾ ۽ پنهنجن ويجهن مٽن مائٽن کي (الله جي عذاب

الْاَقْرَبِيْنَ ﴿٢١٤﴾ۙ وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢١٥﴾ۚ

کان) ڊيڄار ﴿٢١٤﴾ ۽ ايمان وارن مان جيڪو بہ تنهنجي پيروي ڪري، ان جي لاءِ نوڙت ۽ نرمي اختيار ڪر ﴿٢١٥﴾

فَاِنْ عَصَوْكَ فَقُلْ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٢١٦﴾ۚ وَتَوَكَّلْ عَلَى الْعَزِيْزِ

پوءِ جيڪڏهن تنهنجو چيو نہ مڃين تہ فرماءِ تہ بيشڪ جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، تن کان آءٌ بيزار آهيان ﴿٢١٦﴾ ۽ غالب رحم ڪندڙ (الله)

الرَّحِيْمِ ﴿٢١٧﴾ۙ الَّذِيْ يَرٰىكَ حِيْنَ تَقُوْمُ ﴿٢١٨﴾ۙ وَ تَقَلُّبَكَ فِي السّٰجِدِيْنَ ﴿٢١٩﴾

تي ڀروسو رک ﴿٢١٧﴾ جيڪو توکي (تهجد لاءِ) اٿندي ڏسي ٿو ﴿٢١٨﴾ ۽ (رڪوع ۽) سجدو ڪندڙن ۾ تنهنجي اچ وڃ کي (ڏسي ٿو) ﴿٢١٩﴾

اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٢٢٠﴾ هَلْ اُنَبِّئُكُمْ عَلٰى مَنْ تَنَزَّلُ الشَّيٰطِيْنُ ﴿٢٢١﴾ؕ

بيشڪ اهو ئي ٻڌڻ وارو علم وارو آهي ﴿٢٢٠﴾ (فرماءِ تہ) ڇا توهان کي ٻڌايان تہ شيطان ڪنهن تي لهن ٿا ﴿٢٢١﴾

تَنَزَّلُ عَلٰى كُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ ﴿٢٢٢﴾ۙ يُّلْقُوْنَ السَّمْعَ وَ اَكْثَرُهُمْ

هر ڪوڙي، گنهگار شخص (مثلاً مسيلمه ڪذاب وغيره) تي لهن ٿا ﴿٢٢٢﴾ جيڪي ٻڌل ڳالهيون (سندس ڪنن ۾) وجهن ٿا ۽ انهن مان

كٰذِبُوْنَ ﴿٢٢٣﴾ؕ وَالشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ ﴿٢٢٤﴾ؕ اَلَمْ تَرَ اَنَّهُمْ فِيْ كُلِّ

گهڻا ڪوڙا آهن ﴿٢٢٣﴾ ۽ گمراهہ ماڻهو ئي (ڪافر) شاعرن جي پيروي ڪن ٿا (جيڪي هجو يا شاعري ڪن ٿا ۽ چون ٿا تہ اسين بہ حضرت محمد ﷺ
وانگر آهيون) ﴿٢٢٤﴾ ڇا نٿو ڏسين تہ اهي (شاعر) هر هڪ ماٿريءَ ۾ (واهہ واهہ وٺڻ لاءِ) ڀٽڪندا وتن ٿا (۽ اجائي مدح ۽ هَجو ۽ بهتان بازي

وَادٍ يَّهِيْمُوْنَ ﴿٢٢٥﴾ۙ وَ اَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ مَا لَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٢٢٦﴾ۙ اِلَّا الَّذِيْنَ

ڪندا رهن ٿا) ﴿٢٢٥﴾ ۽ هيءُ تہ اهي اها ڳالهہ چون ٿا، جنهن تي عمل نٿا ڪن ﴿٢٢٦﴾ مگر جن (شاعرن) ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ الله

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَذَكَرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّانْتَصَرُوْا مِنْۢ

كي گهڻو ياد كيائون ۽ پاڻ تي ظلم ٿيڻ كان بعد بدلو ورتائون، (سي گمراهہ نہ آهن) ۽ سگهوئي (الله جي پيغمبر ﷺ ۽

بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا ؕ وَسَيَعْلَمُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَیَّ مُنْقَلَبٍ يَّنْقَلِبُوْنَ ﴿٢٢٧﴾ ع

مؤمنياڻين جي هَجو كندڙ) ظالم ڄاڻندا تہ موٽڻ جي كهڙي جاءِ تي موٽن ٿا (اي الله اسان كي انهن مان نہ كر.) ﴿٢٢٧﴾

ع ١١ ٣٦ ١٥

اٰيَاتُهَا ٩٣ (٢٧) سُوْرَةُ النَّمْلِ مَكِّيَّةٌ (٤٨) رُكُوْعَاتُهَا ٧

سورة النمل مكي آهي، هن ۾ ٽيانوي آيتون ۽ ستَ ركوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعاليٰ، بزرگ، برتر جي نالي سان شروع كرڻ ۾ پاڻ كي حقدار سمجهان ٿو، جيكو روزي ڏيندڙ، رحم كندڙ آهي.

طٰسٓ ۚ قف تِلْكَ اٰيٰتُ الْقُرْاٰنِ وَكِتَابٍ مُّبِيْنٍ ۙ ﴿١﴾ هُدًى وَّبُشْرٰى

طٰسٓ (الله جي قوت ۽ ساراهہ سان شروع) اهي قرآن ۽ پڌري كتاب جون آيتون آهن، (جيكي اڳين آسماني كتابن ۽

لِلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ ﴿٢﴾ الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ

لوح محفوظ ۾ لكيل آهن.) ﴿١﴾ (هيءُ قرآن) مؤمنن لاءِ هدايت ۽ خوشخبري آهي ﴿٢﴾ (يعني اهي مؤمن) جيكي (هميشه) نماز قائم
كن ٿا ۽ (حقدارن كي) زكوٰة ڏين ٿا (۽ الله تعاليٰ كي فريب ڏيڻ جي كوشش نٿا كن، جو حقدارن جي بجاءِ نوكرن چاكرن كي

بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ﴿٣﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ زَيَّنَّا

زكوٰة ڏين.) ۽ اهي آخرت تي يقين ركن ٿا ﴿٣﴾ بيشك ماڻهو جيكي آخرت تي ايمان نٿا ركن، تن لاءِ اسان (سندن كفر

لَهُمْ اَعْمَالَهُمْ فَهُمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿٤﴾ ط اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَهُمْ سُوْٓءُ

جي ڏوهہ ۾ بڇڙا) عمل سينگاري ڇڏيا آهن، پوءِ اهي ڀٽكندا رهن ٿا ﴿٤﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن لاءِ (دنيا ۾

الْعَذَابِ وَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ هُمُ الْاَخْسَرُوْنَ ﴿٥﴾ وَاِنَّكَ لَتُلَقَّى

قتل ۽ قيد جو) عذاب آهي ۽ اهي ئي آخرت ۾ سڀ كان وڌيك نقصان وارا آهن ﴿٥﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) بيشك تو كي حكمت

الْقُرْاٰنَ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ عَلِيْمٍ ۝٦ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِاَهْلِهٖٓ اِنِّيْٓ

واري، ڄاڻندڙ (الله تعاليٰ جي) طرفان قرآن سيکاريو وڃي ٿو ٦ (ياد ڪر) جڏهن (مدين کان مصر موٽڻ مهل) موسيٰ

اٰنَسْتُ نَارًا ۭ سَاٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ اٰتِيْكُمْ بِشِهَابٍ قَبَسٍ لَّعَلَّكُمْ

پنهنجي گهر وارن کي چيو ته بيشڪ مون هڪ باهه ڏٺي آهي، اجهو توا تان توهان لاءِ (گس جي ٻاري ۾) ڏس پتو آڻيان، يا

تَصْطَلُوْنَ ۝٧ فَلَمَّا جَاۗءَهَا نُوْدِيَ اَنْۢ بُوْرِكَ مَنْ فِي النَّارِ وَ

توهان لاءِ ٽانڊو آڻيان، مَنَ توهان هٿ پير سيڪيو ٧ پوءِ جڏهن (باهه وٽ) آيو، آواز ڏنو ويو ته جيڪو باهه ۾ (تجلي ڏيکاري

مَنْ حَوْلَهَا ۭ وَسُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٨ يٰمُوْسٰٓى اِنَّهٗٓ اَنَا

رهيو) آهي، اهو ۽ جيڪي ان جي چوڌاري آهن، سي بابرڪت آهن ۽ جهانن جو ربّ الله پاڪ آهي ٨ اي موسيٰ! بيشڪ

اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝٩ وَاَلْقِ عَصَاكَ ۭ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا

اهو آءٌ الله (توسان هم ڪلام آهيان.) آءٌ ئي غالب، حڪمت وارو آهيان ٩ ۽ پنهنجي لٺ کي اڇلاءِ. پوءِ جڏهن (لٺ کي

جَاۗنٌّ وَّلّٰى مُدْبِرًا وَّلَمْ يُعَقِّبْ ۭ يٰمُوْسٰى لَا تَخَفْ ۣ اِنِّيْ لَا

اڇلايائين ته) ان کي نانگ وانگر چُرندي پُرندي ڏٺائين، ته پٺي ڦيرائي ڀڳو ۽ پوئتي مڙي به نه نهاريائين. (الله فرمايو ته)

يَخَافُ لَدَيَّ الْمُرْسَلُوْنَ ۝١٠ اِلَّا مَنْ ظَلَمَ ثُمَّ بَدَّلَ حُسْنًۢا

اي موسيٰ ڊڄ نه! بيشڪ مون وٽ پيغمبر ڊڄندا نه آهن ١٠ مگر جيڪو ظلم ڪري، پوءِ برائيءَ کان بعد ان کي ڀلائيءَ ۾

بَعْدَ سُوْۗءٍ فَاِنِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝١١ وَاَدْخِلْ يَدَكَ فِيْ جَيْبِكَ

مَٽائي ته بيشڪ آءٌ بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهيان ١١ ۽ پنهنجو هٿ پنهنجي گريبان ۾ وجهه ته بنا عيب (برص ۽ بيماري

تَخْرُجْ بَيْضَاۗءَ مِنْ غَيْرِ سُوْۗءٍ ۣ فِيْ تِسْعِ اٰيٰتٍ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَقَوْمِهٖ ۭ

کان آجو) اڇو (۽ نوراني) ٿي نڪرندو. (هنن ٻنهي نشانين سميت) نون نشانين سان فرعون ۽ سندس قوم ڏانهن

إِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿١٢﴾ فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ اٰيٰتُنَا مُبْصِرَةً

(وچ)، بيشڪ اهي ڏاڍا نافرمان ماڻهو آهن ﴿١٢﴾ پوءِ جڏهن وٽن اسان جون روشن نشانيون آيون ته انهن چيو ته

قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ۚ ﴿١٣﴾ وَجَحَدُوْا بِهَا وَاسْتَيْقَنَتْهَآ

هيءُ ته کو پڌرو جادو آهي ﴿١٣﴾ ۽ بي انصافي ۽ وڏائيءَ وچان انهن جو انڪار ڪيائون ۽ سندن دليون يقين

ع ١ ١٤ ١٢ اَنْفُسُهُمْ ظُلْمًا وَّعُلُوًّا ؕ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٤﴾ ع

ڪري چڪيون هيون (ته واقعي اهي الله تعاليٰ جي طرفان معجزا آهن)، پوءِ ڏس ته فسادين جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ ﴿١٤﴾

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ وَسُلَيْمٰنَ عِلْمًا ۚ وَقَالَا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ

۽ بيشڪ اسان دائود ۽ سليمان (عليهما السلام) کي علم عطا ڪيو ۽ ٻنهي چيو ته سڀ ساراهه (۽ شڪر) الله لاءِ آهي،

فَضَّلَنَا عَلٰى كَثِيْرٍ مِّنْ عِبَادِهِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٥﴾ وَوَرِثَ سُلَيْمٰنُ

جنهن اسان کي پنهنجن گهڻن مؤمن ٻانهن تي فضيلت بخشي آهي ﴿١٥﴾ ۽ سليمان (عليه السلام)، دائود (عليه السلام) جي

دَاوٗدَ وَقَالَ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ عُلِّمْنَا مَنْطِقَ الطَّيْرِ وَاُوْتِيْنَا مِنْ

نبوت ۽ علم) جو وارث ٿيو ۽ چيائين ته اي انسانو! اسان کي پکين جي ٻولي سيکاري وئي آهي ۽ اسان کي هر

كُلِّ شَيْءٍ ؕ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْفَضْلُ الْمُبِيْنُ ﴿١٦﴾ وَحُشِرَ لِسُلَيْمٰنَ

شيءِ عطا ڪئي وئي آهي. بيشڪ اهو (الله تعاليٰ جو) پڌرو فضل آهي ﴿١٦﴾ ۽ (هڪ ڀيري مسافريءَ تي وڃڻ وقت)

جُنُوْدُهٗ مِنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ وَالطَّيْرِ فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿١٧﴾ حَتّٰٓى اِذَآ

سليمان (عليه السلام) لاءِ جنن، انسانن ۽ پکين جا لشڪر گڏ ڪيا ويا، جن جي صف بندي ڪئي ويندي هئي ﴿١٧﴾ تانجو جڏهن

اَتَوْا عَلٰى وَادِ النَّمْلِ ۙ قَالَتْ نَمْلَةٌ يّٰٓاَيُّهَا النَّمْلُ ادْخُلُوْا

(طائف يا شام ۾) ڪولين جي هڪ ماٿريءَ وٽ آيا ته (سندن سردار) ڪول چيو ته اي ڪوليو! پنهنجن ٻرن ۾ گهڙي وڃو،

مَسٰكِنَكُمْ ۚ لَا يَحْطِمَنَّكُمْ سُلَيْمٰنُ وَجُنُوْدُهٗ ۙ وَهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٨﴾

توهان کي سليمان ۽ سندس لشکر اڻ ڄاڻائيءَ ۾ چيپاٽي نہ ڇڏي (اي غافل! رعيت جي پرگهور لهڻ کِول کان سک) ﴿١٨﴾

فَتَبَسَّمَ ضَاحِكًا مِّنْ قَوْلِهَا وَقَالَ رَبِّ اَوْزِعْنِيْٓ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ

سندس (فرض شناسيءَ واري) ڳالهہ ٻڌي سليمان (عليه السلام) کِليو ۽ چيائين تہ ربّ منهنجا! مون کي توفيق ڏي تہ تنهنجي

الَّتِيْٓ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَعَلٰى وَالِدَيَّ وَاَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ وَ

انهيءَ نعمت جو شکر کريان، جيڪا تو مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي ڪئي آهي ۽ صالح عمل ڪريان، جنهن سان

اَدْخِلْنِيْ بِرَحْمَتِكَ فِيْ عِبَادِكَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٩﴾ وَتَفَقَّدَ الطَّيْرَ فَقَالَ

تون راضي ٿئين ۽ مون کي پنهنجي رحمت سان پنهنجن صالح ٻانهن ۾ شامل فرماءِ ﴿١٩﴾ ۽ (سليمان نماز وقت پاڻي

مَالِيَ لَآ اَرَى الْهُدْهُدَ ۖ اَمْ كَانَ مِنَ الْغَآئِبِيْنَ ﴿٢٠﴾ لَاُعَذِّبَنَّهٗ

تلاش ڪرڻ لاءِ) پکين جو جائزو ورتو. پوءِ چيائين تہ ڪهڙو سبب آهي، جو هدهد پکيءَ کي نٿو ڏسان (جيڪو قدرت جي عطا ڪيل
صلاحيت مطابق زمين جي اندر پاڻيءَ جي موجودگيءَ کي ڄاڻي وٺندو آهي)، يا (لشڪر مان) غائب ٿي ويو آهي؟ ﴿٢٠﴾ (الله

عَذَابًا شَدِيْدًا اَوْ لَاَاذْبَحَنَّهٗٓ اَوْ لَيَاْتِيَنِّيْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢١﴾ فَمَكَثَ

جو قسم!) ضرور کيس سخت سزا ڏيندس يا ضرور کيس ذبح ڪندس يا (غير موجودگيءَ لاءِ) مون وٽ ڪو پڌرو دليل

غَيْرَ بَعِيْدٍ فَقَالَ اَحَطْتُّ بِمَا لَمْ تُحِطْ بِهٖ وَجِئْتُكَ مِنْ سَبَاٍۭ بِنَبَاٍ

آڻي ﴿٢١﴾ ٿوري دير کان پوءِ (هدهد) آيو. (سليمان عليه السلام کي ناراض ڏسي، عرض ڪيائين تہ اي الله جا نبي! الله کي ياد ڪر،
جڏهن قيامت ۾ سندس حضور ۾ حاضر ٿيندين، جنهن تي سليمان ڏکي ويو ۽ ان کي بخشي ڇڏيائين ۽ غير حاضريءَ جو

يَّقِيْنٍ ﴿٢٢﴾ اِنِّيْ وَجَدْتُّ امْرَاَةً تَمْلِكُهُمْ وَاُوْتِيَتْ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ وَّلَهَا

سبب پڇيائين.) انهيءَ چيو تہ مون کي هڪ اهڙي ڳالهہ معلوم آهي، جيڪا تو کي (۽ تنهنجي لشڪر کي) معلوم نہ آهي ۽
مون تو وٽ (شهر) سبا مان يقيني خبر آندي آهي ﴿٢٢﴾ بيشڪ مون هڪ عورت (نالي بلقيس ڌيءُ شراحيل) کي لڌو، جيڪا انهن

عَرْشٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٣﴾ وَجَدْتُّهَا وَقَوْمَهَا يَسْجُدُوْنَ لِلشَّمْسِ مِنْ دُوْنِ

تي بادشاهي ڪري رهي آهي ۽ کيس بادشاهن وانگر) هر قسم جي شيءِ عطا ڪئي وئي آهي ۽ وٽس (ستر ٻاءِ ستر هٿ وڏو ۽
ٽيهہ ٻاءِ ستر هٿ مٿي، هيرن جواهرن سان جڙيل سونو) هڪ زبردست تخت آهي ﴿٢٣﴾ مون کيس ۽ سندس قوم کي الله جي بجاءِ

اللّٰهِ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ فَهُمْ

سج کي سجدو ڪندي ڏٺو ۽ شيطان سندن (بڇڙن) عملن کي سندن لاءِ سينگاري، کين (الله جي) رستي کان روڪي ڇڏيو

لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿٢٤﴾ اَلَّا يَسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ يُخْرِجُ الْخَبْءَ فِي السَّمٰوٰتِ

آهي، پوءِ اهي هدايت جي واٽ نٿا لهن ﴿٢٤﴾ (شيطان کين گمراه ڪيو آهي) ته الله کي سجدو نه ڪن. (اهو الله) جيڪو

وَالْاَرْضِ وَيَعْلَمُ مَا تُخْفُوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ ﴿٢٥﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ رَبُّ

اهر ڪري ٿو آسمانن جي ڳجهي شيءِ (يعني برسات) کي ۽ زمين جي ڳجهي شيءِ (يعني پوکن ۽ وڻن ٽڻن) کي ۽ جيڪي
ڪجهه توهان لڪايو ٿا ۽ جيڪي ڪجهه توهان ظاهر ڪريو ٿا، تنهن کي ڄاڻي ٿو ﴿٢٥﴾ الله کان سواءِ ڪو معبود نه آهي (وحده لا

الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٦﴾ السجدة قَالَ سَنَنْظُرُ اَصَدَقْتَ اَمْ كُنْتَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٢٧﴾ السجدة ٨

شريڪ له آهي)، اهو ئي زبردست عرش جو مالڪ آهي. (ست آسمان ۽ ست زمينون ڪرسيءَ جي پيٽ ۾ برپٽ ۾ پيل منڊيءَ
وانگر آهن ۽ ساڳيو ئي حال عرش جي پيٽ ۾ ڪرسيءَ جو آهي، سندس بادشاهي ۽ حڪومت تمام مٿانهين آهي.)﴿٢٦﴾

اِذْهَبْ بِّكِتٰبِيْ هٰذَا فَاَلْقِهْ اِلَيْهِمْ ثُمَّ تَوَلَّ عَنْهُمْ فَانْظُرْ

(سليمان عليه السلام چيو ته) اجهو ٿا ڏسون ته سچ ڳالهائين ٿو يا ڪوڙن مان آهين ﴿٢٧﴾ (هدهد پاڻيءَ جو پتو ٻڌايو، کوهه کوٽيو ويو ۽
وضو ڪري، نماز پڙهي، پوءِ سليمان خط لکيو ۽) چيائين ته (اي هدهد! سبا شهر) منهنجو هيءُ خط کڻي وڃي مٿن اڇلائي،

مَاذَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٢٨﴾ قَالَتْ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَؤُا اِنِّيْٓ اُلْقِيَ اِلَيَّ كِتٰبٌ كَرِيْمٌ ﴿٢٩﴾

انهن کان پرپرو ٿي ڏس ته ڪهڙو جواب ڏين ٿا ﴿٢٨﴾ (هدهد خط بلقيس جي پرسان اڇلايو ته سليمان جي مهر ڏسي ڏڪي وئي.
پنهنجن هڪ لک ياءِ ٻارهن هزار اڳواڻن کي، جن مان هر هڪ سان هڪ لک فوج هئي) چيائين ته اي سردارو! مون ڏانهن هڪ

اِنَّهٗ مِنْ سُلَيْمٰنَ وَاِنَّهٗ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿٣٠﴾ اَلَّا تَعْلُوْا عَلَيَّ

عزت پريو خط اڇلايو ويو آهي ﴿٢٩﴾ (جنهن ۾ آهي ته) بيشڪ هيءُ (خط سبا جي ملڪه بلقيس ڏانهن، الله جي ٻانهي ۽
رسول)، سليمان جي طرفان آهي ۽ بيشڪ اهو خدا جي نالي سان لکيل آهي، جيڪو روزي ڏيندڙ ٻاجهارو آهي ﴿٣٠﴾ (هن

وَاْتُوْنِيْ مُسْلِمِيْنَ ﴿٣١﴾ ع قَالَتْ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَفْتُوْنِيْ فِيْٓ اَمْرِيْ مَا كُنْتُ ع ٢ ١٤

فرمان سان) ته منهنجي مقابلي ۾ وڏائي نه ڪريو ۽ مسلمان ٿي مون وٽ اچو ﴿٣١﴾ (بلقيس پرک لهڻ لاءِ پنهنجي قوم وٽ

قَاطِعَةً اَمْرًا حَتّٰى تَشْهَدُوْنِ ﴿٣٢﴾ قَالُوْا نَحْنُ اُولُوْا قُوَّةٍ وَّاُولُوْا بَاْسٍ

خوشيءَ سان آئي ۽) چيائين ته اي سردارو! منهنجي معاملي ۾ مون کي مشورو ڏيو (ته هن خط جو ڪهڙو جواب ڏجي؟)
جيستائين توهان حاضر نه هوندا آهيو، آءٌ ڪنهن ڪم جو قطعي فيصلو نه ڪندي آهيان ﴿٣٢﴾ انهن چيو ته اسين وڏا طاقتور (۽ جنگي

شَدِيْدٍ ۵ وَّالْاَمْرُ اِلَيْكِ فَانْظُرِيْ مَاذَا تَاْمُرِيْنَ ﴿٣٣﴾ قَالَتْ اِنَّ الْمُلُوْكَ

هٿيارن پنهوارن سان مسلح، بهادر ۽ سخت) ويڙهاڪ قوم آهيون ۽ معاملو تنهنجي حوالي آهي. پوءِ تون ڏس ته ڪهڙو حڪم ٿي ڪرين
(جنگ جو حڪم ڪرين ته جنگ ڪنداسون، صلح جو حڪم ڪرين ته صلح ڪنداسون.) ﴿٣٣﴾ (بلقيس) چيو ته بيشڪ جڏهن بادشاهه

اِذَا دَخَلُوْا قَرْيَةً اَفْسَدُوْهَا وَجَعَلُوْٓا اَعِزَّةَ اَهْلِهَآ اَذِلَّةً ۚ وَكَذٰلِكَ

ڪنهن ڳوٺ ۾ داخل ٿيندا آهن ته ان کي تهس نهس ڪري ڇڏيندا آهن ۽ اتان جي عزت وارن کي ذليل ڪري ڇڏيندا آهن ۽

يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَاِنِّيْ مُرْسِلَةٌ اِلَيْهِمْ بِهَدِيَّةٍ فَنٰظِرَةٌ ۢ بِمَ يَرْجِعُ

(پنهنجي استحڪام لاءِ) ائين ٿي ڪندا آهن ﴿٣٤﴾ ۽ بيشڪ آءٌ (کين آزمائڻ لاءِ) وٽن ڪجهه تحفا موڪلي رهي آهيان. پوءِ ڏسان ٿي ته

الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣٥﴾ فَلَمَّا جَآءَ سُلَيْمٰنَ قَالَ اَتُمِدُّوْنَنِ بِمَالٍ ۫ فَمَآ اٰتٰىنِۦَ

قاصد ڪهڙو جواب آڻين ٿا؟ (سليمان بادشاهه هوندو ته تحفا قبول ڪندو، نبي هوندو ته قبول نه ڪندو.) ﴿٣٥﴾ پوءِ جڏهن سليمان (عليه السلام) وٽ
(بلقيس جو قاصد) آيو ته (کيس چيائين:) ڇا توهان (تحفا ڏئي) منهنجي مالي مدد ڪريو ٿا؟ پوءِ جيڪا (نبوت ۽ سلطنت) الله مون کي ڏني

اللّٰهُ خَيْرٌ مِّمَّآ اٰتٰىكُمْ ۚ بَلْ اَنْتُمْ بِهَدِيَّتِكُمْ تَفْرَحُوْنَ ﴿٣٦﴾ اِرْجِعْ

آهي، سا توهان کي ڏنل (حڪومت وغيره) کان چڱي آهي، بلڪ توهان پنهنجن تحفن سان پاڻ خوش ٿيو ٿا ﴿٣٦﴾ (۽ قاصد کي

اِلَيْهِمْ فَلَنَاْتِيَنَّهُمْ بِجُنُوْدٍ لَّا قِبَلَ لَهُمْ بِهَا وَلَنُخْرِجَنَّهُمْ مِّنْهَآ

چيائين ته) وٽن موٽي وڃ، ضرور مٿن هڪ اهڙو لشڪر آڻينداسون، جنهن جي مقابلي جي منجهن سگهه نه آهي ۽ ضرور اتان

اَذِلَّةً وَّهُمْ صٰغِرُوْنَ ﴿٣٧﴾ قَالَ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَيُّكُمْ يَاْتِيْنِيْ بِعَرْشِهَا

کين ذليل ڪري لوڏي ڪيدنداسون ﴿٣٧﴾ چيائين ته اي سردارو! توهان مان ڪير آهي، جيڪو سندن مون وٽ مسلمان ٿي اچڻ کان

قَبْلَ اَنْ يَّاْتُوْنِيْ مُسْلِمِيْنَ ﴿٣٨﴾ قَالَ عِفْرِيْتٌ مِّنَ الْجِنِّ اَنَا اٰتِيْكَ

اڳ ۾، ملڪه جو تخت مون وٽ آڻي؟ (جيڪو ٻن مهينن جي مفاصلي تي آهي) ﴿٣٨﴾ جنن مان هڪڙي طاقتور جنّ چيو ته اڳ ان

بِهٖ قَبْلَ اَنْ تَقُوْمَ مِنْ مَّقَامِكَ ۚ وَاِنِّيْ عَلَيْهِ لَقَوِيٌّ اَمِيْنٌ ﴿٣٩﴾ قَالَ

کان جو پنهنجي جاءِ تان اٿين، آءٌ ٿو ان کي تو وٽ آڻي پيش ڪريان ۽ بيشڪ آءٌ طاقتور امانتدار آهيان ﴿٣٩﴾ جنهن وٽ ڪتاب جو

الَّذِيۡ عِنۡدَهٗ عِلۡمٌ مِّنَ الۡكِتٰبِ اَنَا اٰتِيۡكَ بِهٖ قَبۡلَ اَنۡ يَّرۡتَدَّ اِلَيۡكَ

علم هو (يعني سليمان عليه السلام جو وزير آصف بن برخيا، جيڪو اسم اعظم ڄاڻندو هو، تنهن) چيو ته آءٌ تنهنجي اک ڇنڀ

طَرۡفُكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهُ مُسۡتَقِرًّا عِنۡدَهٗ قَالَ هٰذَا مِنۡ فَضۡلِ رَبِّيۡ ۖ قف

ڪان ب اڳ اهو تو وٽ آڻيان ٿو. پوءِ (انهيءَ اسم اعظم پڙهيو ته اک ڇنڀ ۾ تخت زمين هيٺان نڪري سليمان وٽ پهتو.)

لِيَبۡلُوَنِيۡۤ ءَاَشۡكُرُ اَمۡ اَكۡفُرُ ؕ وَمَنۡ شَكَرَ فَاِنَّمَا يَشۡكُرُ لِنَفۡسِهٖ ۚ وَمَنۡ

پوءِ جڏهن ان کي پاڻ وٽ رکيل ڏٺائين، چيائين ته هيءُ منهنجي ربّ جو فضل آهي، جيئن مون کي آزمائي ته سندس نعمت جو شڪر
ڪريان ٿو، يا ڪفر ڪريان ٿو ۽ جيڪو شڪر ڪندو ته پنهنجي لاءِ ٿي شڪر ڪندو ۽ جنهن ڪفر ڪيو ته پوءِ بيشڪ منهنجو ربّ

كَفَرَ فَاِنَّ رَبِّيۡ غَنِيٌّ كَرِيۡمٌ ﴿٤٠﴾ قَالَ نَكِّرُوۡا لَهَا عَرۡشَهَا نَنۡظُرۡ اَتَهۡتَدِيۡۤ

بي نياز ڪرم ڪندڙ آهي ﴿٤٠﴾ (سليمان عليه السلام) چيو ته (ڪيس آزمائڻ لاءِ) سندس تخت کي مَٽايو. ڏسون ته (ان کي) سڃاڻي

اَمۡ تَكُوۡنُ مِنَ الَّذِيۡنَ لَا يَهۡتَدُوۡنَ ﴿٤١﴾ فَلَمَّا جَآءَتۡ قِيۡلَ اَهٰكَذَا

ٿي (ته منهنجو تخت آهي) يا اڻ ڄاڻن مان ٿئي ٿي (ڇاڪاڻ ته جنن ان کي مَٽائي ڇڏيو هو) ﴿٤١﴾ پوءِ جڏهن (بلقيس) آئي

عَرۡشُكِ ؕ قَالَتۡ كَاَنَّهٗ هُوَ ۚ وَاُوۡتِيۡنَا الۡعِلۡمَ مِنۡ قَبۡلِهَا وَكُنَّا مُسۡلِمِيۡنَ ﴿٤٢﴾

ته چيو ويو ته ڇا هيءُ تنهنجو ئي تخت آهي؟ (عقل جي ڪمال سبب) چيائين ته ڄڻ ته اهو ئي آهي (يعني نه انڪار ڪيائين ۽ نه اقرار) ۽ (اي
سليمان! تخت جي آڻڻ کان) اڳ (تنهنجي نبوت جي باري ۾) اسان کي ڄاڻ ڏني ويئي هئي ۽ اسين (هتي اچڻ کان اڳ ئي)

وَصَدَّهَا مَا كَانَتۡ تَّعۡبُدُ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهَا كَانَتۡ مِنۡ

فرمانبردار ٿي چڪا هئاسون ﴿٤٢﴾ ۽ الله کان سواءِ جنهن جي پوڄا ڪندي هئي، تنهن کان ڪيس (سليمان عليه السلام) روڪيو.

قَوۡمٍ كٰفِرِيۡنَ ﴿٤٣﴾ قِيۡلَ لَهَا ادۡخُلِى الصَّرۡحَ ۚ فَلَمَّا رَاَتۡهُ حَسِبَتۡهُ لُجَّةً

بيشڪ اها ڪافر قوم مان هئي ﴿٤٣﴾ (بلقيس) کي چيو ويو ته محل ۾ داخل ٿيءُ. جڏهن ان کي ڏٺائين ته ان کي پاڻيءَ

وَّكَشَفَتۡ عَنۡ سَاقَيۡهَا ؕ قَالَ اِنَّهٗ صَرۡحٌ مُّمَرَّدٌ مِّنۡ قَوَارِيۡرَ ؕ قَالَتۡ

جو ڀريل حوض سمجهيائين ۽ پنهجين پنين تان ڪپڙو مٿي ڪيائين. (ڇاڪاڻ ته سليمان عليه السلام کي چيو ويو هو ته سندس

رَبِّ اِنِّیْ ظَلَمْتُ نَفْسِیْ وَاَسْلَمْتُ مَعَ سُلَیْمٰنَ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿٤٤﴾ ع ٣/١٤ ١٨

پير گذھ جي پيرن جھڙا آھن، جن جي مٿان وار آھن.) سليمان (عليه السلام) چيس تہ ھيءُ تہ شيشي جو جڙيل ھڪ محل آھي. (بلقيس)
چيو تہ ربّ منھنجا! بيشڪ مون پاڻ تي ظلم ڪيو ۽ (ھاڻي) مون سيلمان (عليه السلام) سان گڏجي جھانن جي ربّ تي ايمان آندو ﴿٤٤﴾

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَاۤ اِلٰی ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ

۽ بيشڪ (قوم) ثمود ڏانھن سندن (نسبي) ڀاءُ صالح (عليه السلام) کي موڪليوسون تہ (اڪيلي) الله جي عبادت ڪريو. پوءِ اھي ان

فَاِذَا هُمْ فَرِیْقٰنِ یَخْتَصِمُوْنَ ﴿٤٥﴾ قَالَ یٰقَوْمِ لِمَ تَسْتَعْجِلُوْنَ بِالسَّیِّئَةِ

وقت (ڪافر ۽ مؤمن) ٻہ ڌريون ٿي پاڻ ۾ جھڳڙو ڪرڻ لڳا. (ھر ھڪ جي دعويٰ ھئي تہ اسين حقّ تي آھيون) ﴿٤٥﴾ (صالح عليه السلام)

قَبْلَ الْحَسَنَةِ ۚ لَوْلَا تَسْتَغْفِرُوْنَ اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٤٦﴾

چيو تہ اي منھنجي قوم! ڀلائيءَ کان اڳ برائيءَ جي جلدي ڇو ٿا ڪريو؟ الله کان گناھن جي بخشش ڇو نٿا گھرو؟ مَنَ توھان

قَالُوا اطَّیَّرْنَا بِكَ وَبِمَنْ مَّعَكَ ؕ قَالَ طٰٓئِرُكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ بَلْ

تي رحم ڪيو وڃي ﴿٤٦﴾ چيائون تہ اسين تو کي ۽ جيڪي (مؤمن) تو سان گڏ آھن، تن کي منحوس سمجھون ٿا (جنھن ڪري ڏڪار ۾
آھيون ۽ ڇڙوڇڙ ٿي ويا آھيون. صالح (عليه السلام) چيو تہ توھان جي نحوست (۽ توھان جو نفعو ۽ نقصان) الله وٽ آھي، بلڪ توھان کي

اَنْتُمْ قَوْمٌ تُفْتَنُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَكَانَ فِی الْمَدِیْنَةِ تِسْعَةُ رَهْطٍ یُّفْسِدُوْنَ

(ڀلائيءَ ۽ برائيءَ جي ذريعي) آزمايو وڃي ٿو ﴿٤٧﴾ ۽ شھر ۾ نوَ ڄڻا ھئا، جيڪي زمين ۾ فساد ڪندا ھئا ۽ (پنھنجين ڳالھين ۽

فِی الْاَرْضِ وَلَا یُصْلِحُوْنَ ﴿٤٨﴾ قَالُوْا تَقَاسَمُوْا بِاللّٰهِ لَنُبَیِّتَنَّهٗ وَاَهْلَهٗ

عملن جي) اصلاح نہ ڪندا ھئا ﴿٤٨﴾ انھن الله جو قسم کڻي چيو تہ ضرور صالح (عليه السلام) ۽ سندس گھروارن وارن تي راتاھو

ثُمَّ لَنَقُوْلَنَّ لِوَلِیِّهٖ مَا شَهِدْنَا مَهْلِكَ اَهْلِهٖ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٤٩﴾

ھڻنداسون. پوءِ سندس وارثن کي چونداسون تہ اسين صالح جي گھر وارن جي ھلاڪت جي جاءِ تي موجود نہ ھئاسون

وَمَكَرُوْا مَكْرًا وَّمَكَرْنَا مَكْرًا وَّهُمْ لَا یَشْعُرُوْنَ ﴿٥٠﴾ فَانْظُرْ كَیْفَ كَانَ

۽ اسين بلڪل سچا آھيون ﴿٤٩﴾ ۽ انھن بہ ھڪڙي تدبير ڪئي ۽ اسان بہ ھڪڙي تدبير ڪئي، (يعني ڪين سندن مڪاريءَ جو بدلو ڏنوسون) ۽
اھي (پنھنجي پڇاڙيءَ کي) ڄاڻندا بہ نہ ھئا ﴿٥٠﴾ پوءِ (اي پيغمبر!) ڏس تہ سندن مڪاريءَ جي پڇاڙي ڪھڙي ٿي ڪين ۽ سندس

عَاقِبَةُ مَكْرِهِمْ ۙ اَنَّا دَمَّرْنٰهُمْ وَقَوْمَهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۵۱﴾ فَتِلْكَ بُيُوْتُهُمْ

قوم کي هلاڪ ڪري ڇڏيوسون. (ڪن ڪي پٿر ڇٽي ماريوسون ۽ ڪن کي رڙ سان هلاڪ ڪيوسون.) ﴿۵۱﴾ پوءِ سندن اهي گهر

خَاوِيَةًۢ بِمَا ظَلَمُوْا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۵۲﴾ وَاَنْجَيْنَا

سندن ظلم سبب خالي آهن. بيشڪ ان ۾ هڪڙي نشاني آهي، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ڄاڻن ٿا (ته الله جي مقابلي ۾ مڪر

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿۵۳﴾ وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖۤ اَتَاْتُوْنَ

ڪامياب نه ٿيندو آهي) ﴿۵۲﴾ ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪيائون، تن کي (عذاب کان) بچايوسون ﴿۵۳﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!

الْفَاحِشَةَ وَاَنْتُمْ تُبْصِرُوْنَ ﴿۵۴﴾ اَئِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ شَهْوَةً

ياد ڪر) لوط (عليه السلام) کي جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين ته ڇا توهان ڏسي وائسي بيحيائيءَ جو ڪم ڪريو ٿا ﴿۵۴﴾ ڇا شهوت

مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ﴿۵۵﴾ فَمَا كَانَ جَوَابَ

پوري ڪرڻ لاءِ عورتن کي ڇڏي مردن ڏانهن وڃو ٿا؟ بلڪ توهان جاهل ماڻهو آهيو ﴿۵۵﴾ پوءِ سندس قوم جو جواب رڳو اهو هو ته

قَوْمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْۤا اَخْرِجُوْۤا اٰلَ لُوْطٍ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ

لوط (عليه السلام) جي گهر وارن کي پنهنجي ڳوٺ مان تڙي ڪيو. اهي ماڻهو (لواطت کان) ڏاڍا پاڪ ٿي رهڻ

يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿۵۶﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَاَهْلَهٗۤ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۫ قَدَّرْنٰهَا مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿۵۷﴾

گهرن ٿا ﴿۵۶﴾ پوءِ ان کي ۽ سندس گهر وارن کي نجات ڏني سون، مگر ان جي زال، جنهن جي لاءِ تقدير ۾ لکي ڇڏيو هوسون ته

اها عورت پوئتي رهڻ وارن (يعني عذاب پوڳڻ وارن) مان آهي ﴿۵۷﴾ ۽ مٿن (پٿرن جو) مينهن وسايوسون پوءِ ڊيڄاريل

ع ۴ ۱۹ وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿۵۸﴾ ع قُلِ الْحَمْدُ

ماڻهن جو مينهن (ڪيڏو خطرناڪ ۽) بڇڙو هو ﴿۵۸﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته (اڳين ڪافر قومن کي هلاڪ ڪرڻ تي)

لِلّٰهِ وَسَلٰمٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيْنَ اصْطَفٰى ؕ آٰللّٰهُ خَيْرٌ اَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۵۹﴾

سڀ ساراهه (۽ شڪر) الله تعالىٰ جي لاءِ آهي ۽ سلامتي سندس انهن ٻانهن تي آهي، جن کي انهيءَ (رسالت جي

پيغام جي لاءِ) چونڊيو. ڇا الله پاڪ چڱو آهي، يا جن (ٻتن) کي اهي (مشرڪ سندس) شريڪ ٺهرائين ٿا (چڱا آهن؟) ﴿۵۹﴾

اَمَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ اَنْزَلَ لَكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً ج

يا (اهو الله چڱو آهي) جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ توهان لاءِ آسمان تان پاڻي لاٿائين، پوءِ ان سان

فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ حَدَآئِقَ ذَاتَ بَهْجَةٍ ج مَا كَانَ لَكُمْ اَنْ تُنْۢبِتُوْا شَجَرَهَا ط

(سهڻا) ساوڪ وارا باغ اپاياسون . توهان ۾ ته ايتري سگهه نه آهي، جو انهن جا وڻ اپايو . ڇا پوءِ الله سان گڏ ڪو ٻيو

ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ط بَلْ هُمْ قَوْمٌ يَّعْدِلُوْنَ ط ﴿٦٠﴾ اَمَّنْ جَعَلَ الْاَرْضَ

معبود آهي؟ بلڪ اهي ماڻهو (الله سان ٻتن کي) برابر ٺهرائين ٿا ﴿٦٠﴾ يا (الله چڱو آهي)، جنهن زمين کي آرام جو هنڌ

قَرَارًا وَّ جَعَلَ خِلٰلَهَآ اَنْهٰرًا وَّ جَعَلَ لَهَا رَوَاسِيَ وَ جَعَلَ بَيْنَ

ڪيو (جو ڇُري پُري نٿي) ۽ ان ۾ نهرون جاري ڪيائين ۽ (سندس ٽڪاءَ لاءِ) منجهس جبل کوڙيائين ۽ (کاري ۽ مِٺي

الْبَحْرَيْنِ حَاجِزًا ط ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ط بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ط ﴿٦١﴾

پاڻيءَ جي) ٻن سمنڊن جي وچ ۾ هڪ روڪ قائم ڪيائين؟ ڇا الله سان گڏ ڪو معبود آهي؟ بلڪ مان گهڻا نٿا ڄاڻن ﴿٦١﴾

اَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَ يَكْشِفُ السُّوْٓءَ وَ يَجْعَلُكُمْ

يا الله جيڪو بي قرار جي دعا کي قبول ڪري ٿو، جڏهن ڪيس (سختين ۾) سڏي ٿو ۽ ڏک سور هٽائي ٿو ۽ توهان کي زمين ۾

خُلَفَآءَ الْاَرْضِ ط ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ط قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ط ﴿٦٢﴾ اَمَّنْ

(اڳين جو) جانشين ڪري ٿو؟ ڇا الله سان گڏ ڪو معبود آهي؟ توهان گهٽ نصيحت پرايو ٿا ﴿٦٢﴾ يا (اهو الله چڱو آهي) جيڪو

يَّهْدِيْكُمْ فِيْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ وَ مَنْ يُّرْسِلُ الرِّيٰحَ بُشْرًۢا بَيْنَ

توهان کي بَرَ ۽ بحر جي اونداهين ۾ رستو ڏيکاري ٿو ۽ جيڪو پنهنجي رحمت کان اڳ خوشخبري ڏيندڙ هوائون موڪلي ٿو. ڇا

يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ط ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ط تَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ط ﴿٦٣﴾ اَمَّنْ

الله سان گڏ ڪو معبود آهي؟ (مشرڪ) جن کي شريڪ ٺهرائين ٿا، تن کان الله مٿانهون آهي ﴿٦٣﴾ يا (اهو الله چڱو آهي)، جيڪو

يَّبۡدَؤُا الۡخَلۡقَ ثُمَّ يُعِيۡدُهٗ وَمَنۡ يَّرۡزُقُكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ وَالۡاَرۡضِ ط

خلق جي ابتدا ڪري ٿو. پوءِ وري ان کي پيدا ڪندو ۽ جيڪو آسمان مان (پاڻي لاهي ٿو) ۽ زمين مان (پوک اپائي ٿو ۽) توهان

ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ط قُلۡ هَاتُوۡا بُرۡهَانَكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿٦٤﴾ قُلۡ لَّا

کي روزي ڏئي ٿو. ڇا الله سان گڏ ڪو معبود آهي؟ فرماءِ، جيڪڏهن توهين سچا آهيو ته پنهنجو دليل آڻيو ﴿٦٤﴾ (اي محمد ﷺ!)

يَعۡلَمُ مَنۡ فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ الۡغَيۡبَ اِلَّا اللّٰهُ ط وَمَا يَشۡعُرُوۡنَ اَيَّانَ

فرماءِ ته الله کان سواءِ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪا به مخلوق آهي، سا ڳجهه کي نٿي ڄاڻي ۽ نه ئي اهي (هيءَ ڳالهه)

يُبۡعَثُوۡنَ ﴿٦٥﴾ بَلِ ادّٰرَكَ عِلۡمُهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ قف بَلۡ هُمۡ فِىۡ شَكٍّ مِّنۡهَا قف

ڄاڻن ٿا ته ڪين (قبرن مان) ڪڏهن جيئرو ڪري اٿاريو ويندو ﴿٦٥﴾ بلڪ سندن علم قيامت جي باري ۾ (انهيءَ ڏينهن) انتها تي
پهچندو (جڏهن انهن شين جو اکين سان مشاهدو ڪندا، جن جو ساڻن وعدو ڪيو وڃي ٿو) بلڪ اهي (دنيا ۾) ان جي باري ۾ شڪ

ع ٥ ٨ بَلۡ هُمۡ مِّنۡهَا عَمُوۡنَ ﴿٦٦﴾ ع وَقَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا ءَاِذَا كُنَّا تُرٰبًا وَّ

۾ آهن، بلڪ اهي انهيءَ کان انڌا ٿي رهيا آهن ﴿٦٦﴾ ۽ ڪافر (ٺٺوليون ڪندي) چون ٿا ته ڇا جڏهن اسان ۽ اسان جا ابا ڏاڏا

اٰبَآؤُنَاۤ اَئِنَّا لَمُخۡرَجُوۡنَ ﴿٦٧﴾ لَقَدۡ وُعِدۡنَا هٰذَا نَحۡنُ وَاٰبَآؤُنَا مِنۡ قَبۡلُ لا

مري مٽي ٿي ويندا سون، ڇا واقعي اسان کي (قبرن مان) ڪڍيو ويندو؟ ﴿٦٧﴾ اسان سان ۽ اڳ ۾ اسان جي ابن ڏاڏن سان به

اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿٦٨﴾ قُلۡ سِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَانۡظُرُوۡا كَيۡفَ

اهو وعدو ڪيو ويندو هو. اهي ته رڳو اڳين جون آکاڻيون آهن ﴿٦٨﴾ فرماءِ ته زمين ۾ گهمي ڦري ڏسو ته ڏوهارين جي پڇاڙي

كَانَ عَاقِبَةُ الۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿٦٩﴾ وَلَا تَحۡزَنۡ عَلَيۡهِمۡ وَلَا تَكُنۡ فِىۡ ضَيۡقٍ مِّمَّا

ڪيئن ٿي؟ ﴿٦٩﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!) سندن منهن موڙڻ ۽ ڪوڙو ڪرڻ سبب) مٿن غم نه ڪر ۽ سندن مڪارين جي ڪري تنگ

يَمۡكُرُوۡنَ ﴿٧٠﴾ وَيَقُوۡلُوۡنَ مَتٰى هٰذَا الۡوَعۡدُ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿٧١﴾ قُلۡ

دل نه ٿيءُ ﴿٧٠﴾ ۽ (اهي ڪافر) چون ٿا ته هيءُ وعدو ڪڏهن ايندو، (يعني ڪوڙو ڪندڙن تي اهو عذاب ڪڏهن ايندو؟)

عَسٰۤى اَنۡ يَّكُوۡنَ رَدِفَ لَكُمۡ بَعۡضُ الَّذِىۡ تَسۡتَعۡجِلُوۡنَ ﴿٧٢﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ

جيڪڏهن توهان سچا آهيو ؟ ﴿٧١﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ ته جنهن شيءِ لاءِ توهان جلدي ڪري رهيا آهيو، شايد ان مان ڪجهه
توهان جي ويجهو هجي، (يعني جنگ بدر جو عذاب.) ﴿٧٢﴾ ۽ (اي مُحمّد ﷺ!) بيشڪ تنهنجو ربّ ماڻهن تي وڏي فضل

لَذُوۡ فَضۡلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَشۡكُرُوۡنَ ﴿٧٣﴾ وَاِنَّ رَبَّكَ

وارو آهي ۽ پر انهن مان گهڻا شڪر نٿا ڪن ﴿٧٣﴾ ۽ جيڪي ڪجهه انهن جا سينا لڪائي رهيا آهن ۽ جيڪي ڪجهه

لَيَعۡلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوۡرُهُمۡ وَمَا يُعۡلِنُوۡنَ ﴿٧٤﴾ وَمَا مِنۡ غَآئِبَةٍ فِى

اهي ظاهر ڪري رهيا آهن، بيشڪ انهيءَ ڪي تنهنجو ربّ ڄاڻي ٿو ﴿٧٤﴾ آسمان ۽ زمين ۾ جيڪا به شيءِ غائب آهي،

السَّمَآءِ وَالۡاَرۡضِ اِلَّا فِىۡ كِتٰبٍ مُّبِيۡنٍ ﴿٧٥﴾ اِنَّ هٰذَا الۡقُرۡاٰنَ يَقُصُّ عَلٰى بَنِىۡۤ

سا روشن ڪتاب (يعني لوح محفوظ) ۾ (لکيل) آهي ﴿٧٥﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) بيشڪ هيءُ (عظيم الشان) قرآن بني اسرائيل

اِسۡرَآءِيۡلَ اَكۡثَرَ الَّذِىۡ هُمۡ فِيۡهِ يَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿٧٦﴾ وَاِنَّهٗ لَهُدًى وَّرَحۡمَةٌ

لاءِ اهي گهڻيون ڳالهيون بيان ڪري ٿو، جن ۾ اهي اختلاف ڪري رهيا آهن ﴿٧٦﴾ ۽ بيشڪ اهو (قرآن) مؤمنن لاءِ

لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٧٧﴾ اِنَّ رَبَّكَ يَقۡضِىۡ بَيۡنَهُمۡ بِحُكۡمِهٖ ۚ وَهُوَ الۡعَزِيۡزُ

هدايت ۽ رحمت آهي ﴿٧٧﴾ بيشڪ تنهنجو ربّ (قيامت جي ڏينهن انهن (اختلاف ڪندڙن) جي وچ ۾ پنهنجي

الۡعَلِيۡمُ ﴿٧٨﴾ فَتَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّكَ عَلَى الۡحَقِّ الۡمُبِيۡنِ ﴿٧٩﴾ اِنَّكَ لَا تُسۡمِعُ

حڪم سان فيصلو فرمائيندو ۽ اهو ئي زبردست، غالب، علم وارو آهي ﴿٧٨﴾ پوءِ الله تعالىٰ تي ڀروسو ڪر. بيشڪ تون ئي پڌري
حقّ (يعني دين اسلام) تي آهين ﴿٧٩﴾ تون (پنهنجي) دعوت مُئن ماڻهن کي نٿو ٻڌائي سگهين ۽ نه ئي تون ٻوڙن کي

الۡمَوۡتٰى وَلَا تُسۡمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ اِذَا وَلَّوۡا مُدۡبِرِيۡنَ ﴿٨٠﴾ وَمَاۤ اَنۡتَ

ٻڌائي سگهين ٿو، جڏهن اهي پٺي ڦيرائي ويندا آهن ﴿٨٠﴾ ۽ نه ئي تون انڌن کي انهن جي گمراهيءَ مان ڪڍي،

بِهٰدِى الۡعُمۡىِ عَنۡ ضَلٰلَتِهِمۡ ؕ اِنۡ تُسۡمِعُ اِلَّا مَنۡ يُّؤۡمِنُ بِاٰيٰتِنَا

هدايت جي واٽ ڏيکاري سگهين ٿو. تون ته انهن ئي ماڻهن کي ٻڌائي سگهين ٿو، جيڪي (اسان جي علم مطابق) اسان

فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿٨١﴾ وَاِذَا وَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ اَخْرَجْنَا لَهُمْ دَآبَّةً مِّنَ

جي آيتن تي ايمان آڻين ٿا، پوءِ اهي فرمانبردار به آهن ﴿٨١﴾ ۽ جڏهن انهن (ڪافرن) جي باري ۾ (عذاب جو) وعدو پورو ٿيندو (۽ قيامت ويجهي ايندي) ته سندن لاءِ زمين (يعني صفا ٽڪريءَ) مان هڪڙو جانور ٻاهر ڪڍنداسون، جيڪو ساڻن ڳالهائيندو (ته اسلام ڪان

الْاَرْضِ تُكَلِّمُهُمْ ۙ اَنَّ النَّاسَ كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا لَا يُوْقِنُوْنَ ﴿٨٢﴾ وَيَوْمَ نَحْشُرُ

سواءِ سڀ دين باطل ساهن)، ڇاڪاڻ ته ماڻهو اسان جي آيتن تي يقين نه ٿا رکن ﴿٨٢﴾ ۽ (ياد ڪر ان) ڏينهن کي، جڏهن اسان جي آيتن

مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ فَوْجًا مِّمَّنْ يُّكَذِّبُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿٨٣﴾ حَتّٰٓى اِذَا

کي ڪوڙو ڪندڙ هر هڪ امّت مان هڪ فوج کي گڏ ڪنداسون. پوءِ سندن صف بندي ڪئي ويندي ﴿٨٣﴾ تان جو جڏهن (ميدانِ محشر

جَآءُوْ قَالَ اَكَذَّبْتُمْ بِاٰيٰتِىْ وَلَمْ تُحِيْطُوْا بِهَا عِلْمًا اَمَّاذَا كُنْتُمْ

۾) ايندا ته (الله) فرمائيندو ته ڇا توهان منهنجين آيتن کي ڪوڙو ڪيو، حالانڪ توهان کي انهن جي (حقيقت جو) علم به نه هو، يا

تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَوَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ بِمَا ظَلَمُوْا فَهُمْ لَا يَنْطِقُوْنَ ﴿٨٥﴾

توهان ڇا ڪندا هئا؟ ﴿٨٤﴾ ۽ سندن ظلم جي شامت سبب مٿن (عذاب لاءِ) حجت پوري ٿي ويندي، پوءِ ڳالهائي نه سگهندا ﴿٨٥﴾

اَلَمْ يَرَوْا اَنَّا جَعَلْنَا الَّيْلَ لِيَسْكُنُوْا فِيْهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ؕ اِنَّ فِىْ

ڇا نٿا ڏسن ته اسان رات کي سندن آرام لاءِ پيدا ڪيو ۽ ڏينهن کي (ڪم ڪار لاءِ) روشن ڪيو. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن،

ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٨٦﴾ وَيَوْمَ يُنْفَخُ فِى الصُّوْرِ فَفَزِعَ مَنْ

انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا ﴿٨٦﴾ ۽ (ياد ڪر) جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو، پوءِ (ان جي هيبت سان) آسمانن

فِى السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِى الْاَرْضِ اِلَّا مَنْ شَآءَ اللّٰهُ ؕ وَكُلٌّ اَتَوْهُ

۽ زمين جي سڀ مخلوق بي هوش ٿي ويندي، مگر جنهن کي الله گهرندو (۽ اهو پهريون صور هوندو) ۽ سڀ وٽس عاجز

دٰخِرِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَتَرَى الْجِبَالَ تَحْسَبُهَا جَامِدَةً وَّهِىَ تَمُرُّ مَرَّ

۽ فرمانبردار ٿي ايندا ﴿٨٧﴾ ۽ جبلن کي ڏسندين ته (پنهنجي جاءِ تي) بيٺل ڀائيندين ۽ اهي ڪڪرن وانگر هلي رهيا

السَّحَابِ ؕ صُنۡعَ اللّٰهِ الَّذِیۡۤ اَتۡقَنَ كُلَّ شَیۡءٍ ؕ اِنَّهٗ خَبِیۡرٌۢ بِمَا

هوندا. (اها) الله جي ڪاريگري آهي، جنهن هر شيء کي مضبوط بڻايو آهي. بيشڪ اهو توهان جي سيني ڪمن

تَفۡعَلُوۡنَ ﴿۸۸﴾ مَنۡ جَآءَ بِالۡحَسَنَةِ فَلَهٗ خَیۡرٌ مِّنۡهَا ۚ وَهُمۡ مِّنۡ فَزَعٍ

کي ڄاڻي ٿو ﴿۸۸﴾ جيڪو (ان ڏينهن) ڀلائي (يعني ڪلمو پاڪ، ايمان ۽ اسلام) آڻيندو، ان لاءِ ان کان چڱو (بدلو) آهي ۽

یَّوۡمَئِذٍ اٰمِنُوۡنَ ﴿۸۹﴾ وَمَنۡ جَآءَ بِالسَّیِّئَةِ فَكُبَّتۡ وُجُوۡهُهُمۡ فِی النَّارِ ؕ

اهي خوف کان امن ۾ هوندا ﴿۸۹﴾ ۽ جيڪو برايون آڻيندو (يعني شرڪ يا اهڙو گناه آڻيندو، جنهن کان توبه نه ڪئي

هَلۡ تُجۡزَوۡنَ اِلَّا مَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۹۰﴾ اِنَّمَاۤ اُمِرۡتُ اَنۡ اَعۡبُدَ رَبَّ

هوندائين) ان کي اونڌي منهن دوزخ ۾ اڇلايو ويندو (۽ چيو ويندو ته) جيڪي ڪم توهان ڪندا هئا، توهان کي رڳو اهو بدلو ڏنو
ويندو ﴿۹۰﴾ (اي محمد ﷺ! فرماءِ ته) مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته هن شهر (مڪه) جي ربّ جي (اخلاص سان) عبادت ڪريان،

هٰذِهِ الۡبَلۡدَةِ الَّذِیۡ حَرَّمَهَا وَلَهٗ كُلُّ شَیۡءٍ ۫ وَّاُمِرۡتُ اَنۡ اَكُوۡنَ

جنهن کي الله عزت عطا ڪئي آهي ۽ هر شيء (ملڪيت ۽ پيدائش جي لحاظ سان) ان جي آهي ۽ (مون کي) حڪم ڪيو ويو

مِنَ الۡمُسۡلِمِیۡنَ ﴿۹۱﴾ لا وَ اَنۡ اَتۡلُوَا الۡقُرۡاٰنَ ۚ فَمَنِ اهۡتَدٰی فَاِنَّمَا

آهي ته مسلمانن مان ٿيان ﴿۹۱﴾ ۽ هي ته قرآن کي پڙهان. پوءِ جيڪو هدايت وٺندو، سو پنهنجي لاءِ هدايت وٺندو (ڇاڪاڻ ته ان

یَهۡتَدِیۡ لِنَفۡسِهٖ ۚ وَمَنۡ ضَلَّ فَقُلۡ اِنَّمَاۤ اَنَا مِنَ الۡمُنۡذِرِیۡنَ ﴿۹۲﴾ وَقُلِ

کي ثواب ملندو) ۽ جيڪو گمراه ٿيندو، تنهن کي فرماءِ ته بيشڪ آءٌ رڳو ڊيڄاريندڙ آهيان. (مون تي رڳو رسالت جي تبليغ جو

الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ سَیُرِیۡكُمۡ اٰیٰتِهٖ فَتَعۡرِفُوۡنَهَا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا

فرض آهي.) ﴿۹۲﴾ ۽ فرماءِ ته سڀ ساراه الله لاءِ آهي. (۽ اي مشرڪو! الله تعاليٰ آخرت ۾) سگهوئي توهان کي پنهنجيون نشانيون
ڏيکاريندو، پوءِ توهان انهن کي سڃاڻندا (جڏهن انهن جي سڃاڻپ ڪو فائدو نه ڏيندي) ۽ جيڪي ڪجھ توهان ڪريو ٿا،

تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۹۳﴾ ع

تنهن کان تنهنجو ربّ بي خبر نه آهي ﴿۹۳﴾

(٢٨) سُوْرَةُ الْقَصَصِ مَكِّيَّةٌ (٤٩)

اٰيَاتُهَا ٨٨ رُكُوْعَاتُهَا ٩

سورة القصص مڪي آهي. هن ۾ اناسي آيتون ۽ نَوَ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

عزت جي مالڪ الله جي نالي سان سنئو وقت گذاريان ٿو، اهو الله ئي آهي، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

طٰسٓمّٓ ① تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ② نَتْلُوْا عَلَيْكَ مِنْ نَّبَاِ

طٰسٓمّٓ مون ڪي پنهنجي بخشش، بلندي ۽ بادشاهيءَ جو قسم آهي ① اهي پڌري ڪتاب جون آيتون آهن، (جنهن جو آسماني ڪتابن ۾ ذڪر آهي.) ② (اي رسولن جا سردار ﷺ!) تو ڪي موسيٰ (عليه السلام) ۽ فرعون جي سچي خبر انهن ماڻهن

مُوْسٰى وَفِرْعَوْنَ بِالْحَقِّ لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ③ اِنَّ فِرْعَوْنَ عَلَا فِى

لاءِ پڙهي ٻڌايون ٿا، جيڪي (تنهنجي آندل دين تي) ايمان آڻين ٿا ③ بيشڪ فرعون ملڪ (مصر) ۾ وڏائي ڪئي ۽ اتان

الْاَرْضِ وَجَعَلَ اَهْلَهَا شِيَعًا يَّسْتَضْعِفُ طَآئِفَةً مِّنْهُمْ يُذَبِّحُ

جي رهندڙن ڪي ٽولين ۾ ورهائي ڇڏيائين ۽ انهن مان هڪڙي ٽوليءَ (يعني بني اسرائيل) ڪي ڪمزور ڪري

اَبْنَآءَهُمْ وَيَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ④

رکيائين. سندن پٽن ڪي ڪهندو هو ۽ سندن نياڻين ڪي جيئرو ڇڏي ڏيندو هو. بيشڪ اهو فسادين مان هو ④

وَنُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا فِى الْاَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ

۽ اسان گهريو ته جيڪي ماڻهو ملڪ ۾ هيٺا ڪيا ويا آهن، تن تي احسان ڪريون ۽ ڪين (چڱاين جو) اڳواڻ ڪريون ۽

اَئِمَّةً وَّنَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِيْنَ ۙ⑤ وَنُمَكِّنَ لَهُمْ فِى الْاَرْضِ وَنُرِىَ

ڪين (فرعون جي ملڪ جو) وارث ڪريون ⑤ ۽ (گهريوسون ته) ڪين (مصر جي) سرزمين ۾ اقتدار بخشيون ۽

فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَجُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ ⑥ وَ

(قبطي قوم جي اڳواڻن يعني) فرعون ۽ هامان ۽ سندن لشڪر ڪي (بني اسرائيل جي ذريعي) اهو ڪجهه ڏيکاريون، جنهن کان ڊڄندا هئا (جو ڄاڻندا هئا ته سندن هلاڪت هڪ اسرائيليءَ جي هٿان مقدّر آهي) ⑥ ۽ موسيٰ (عليه السلام) جي

اَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اُمِّ مُوْسٰٓى اَنْ اَرْضِعِيْهِ ۚ فَاِذَا خِفْتِ عَلَيْهِ فَاَلْقِيْهِ فِى

ماءُ ڏانهن (حقيقت، يا الهام، يا خواب جي ذريعي) وحي ڪيوسون ته ان کي کير پيار. پوءِ جڏهن (سندس قتل کان) ڊڄين
ته ڪيس درياءَ ۾ وجهي ڇڏ ۽ (سندس ٻڏڻ ۽ دشمن جي آگاهيءَ جو، يا ڪنهن ٻه قسم جو ڪو) خوف نه ڪر ۽

الْيَمِّ وَلَا تَخَافِىْ وَلَا تَحْزَنِىْ ۚ اِنَّا رَآدُّوْهُ اِلَيْكِ وَجَاعِلُوْهُ مِنَ

(سندس جدائيءَ تي) غم نه ڪر. بيشڪ اسان ان کي تو وٽ واپس آڻڻ وارا آهيون ۽ ان کي رسولن مان بنائڻ وارا

الْمُرْسَلِيْنَ ۝ فَالْتَقَطَهٗٓ اٰلُ فِرْعَوْنَ لِيَكُوْنَ لَهُمْ عَدُوًّا وَّحَزَنًا ۗ

آهيون ⑦ پوءِ ڪيس فرعون جي گهر وارن (پاڻيءَ مان) ٻاهر ڪڍيو، جيئن سندن لاءِ دشمن ۽ غم جو سبب ٿئي.

اِنَّ فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَجُنُوْدَهُمَا كَانُوْا خٰطِـِٕيْنَ ۝ وَقَالَتِ امْرَاَتُ

بيشڪ فرعون ۽ هامان ۽ سندن لشڪر وارا خطاڪار هئا ⑧ ۽ فرعون جي گهر واريءَ (آسيه) چيو ته (هيءُ ٻار) منهنجي

فِرْعَوْنَ قُرَّتُ عَيْنٍ لِّىْ وَلَكَ ۖ لَا تَقْتُلُوْهُ ۖ عَسٰٓى اَنْ يَّنْفَعَنَآ

لاءِ ۽ تنهنجي لاءِ (ٻنهي لاءِ) اکين جو ٺار آهي. (موسيٰ ﷺ جي سهڻائپ ۽ اکين جي چمڪ سبب جنهن به ڪيس ڏٺو ٿي، تنهن
کي پيارو پئي لڳو، جو الله سندس شان ۾ فرمائي ٿو ته مون تو تي پنهنجي طرفان محبت وڌي.) ڪيس قتل نه ڪريو. ٿي سگهي ٿو

اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ۝ وَاَصْبَحَ فُؤَادُ اُمِّ مُوْسٰى

ته اسان کي فائدو ڏئي يا ڪيس پٽ بڻايون (۽ درياءَ مان ڳجهو اعلان ٿيو ته ٻار اسرائيلي نه آهي) ۽ اهي (پنهنجي عاقبت کان) بي
خبر هئا ⑨ ۽ موسيٰ (ﷺ) جي ماءُ جي دل (پٽ جي ياد ۾) بيقرار ٿي رهي هئي. جيڪڏهن سندس دل کي (صبر ۽ سڪون

فٰرِغًا ۖ اِنْ كَادَتْ لَتُبْدِىْ بِهٖ لَوْلَآ اَنْ رَّبَطْنَا عَلٰى قَلْبِهَا لِتَكُوْنَ

سان) مضبوط نه ڪريون ها ته ويجهو هو ته اها هن (قصي) کي ظاهر ڪري ڇڏي ها. جيئن (اسان جي وعدي تي ويساهه

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝ وَقَالَتْ لِاُخْتِهٖ قُصِّيْهِ ۫ فَبَصُرَتْ بِهٖ عَنْ

۽) يقين ڪندڙن مان ٿئي ⑩ ۽ (ماءُ) سندس ڀيڻ کي چيو ته سندس پويان هلندي رهه، پوءِ اها ڪيس پري کان

جُنُبٍ وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ۝ وَحَرَّمْنَا عَلَيْهِ الْمَرَاضِعَ مِنْ قَبْلُ

ڏسندي رهي ۽ انهن (فرعونين) کي ڪا ڄاڻ به نه هئي (ته اها ڪا سندس ڀيڻ آهي) ⑪ ۽ (سندس ماءُ ڏانهن موٽائڻ

فَقَالَتْ هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰٓى اَهْلِ بَيْتٍ يَّكْفُلُوْنَهٗ لَكُمْ وَهُمْ لَهٗ

کان) اڳ اسان موسيٰ (علیہ السلام) تي (داين جي) کير پيئڻ کي حرام ڪري ڇڏيو. پوءِ (موسيٰ علیہ السلام جي ڀيڻ انهن کي) چيو ته ڇا
توهان کي اهڙي گهراڻي جو ڏس پتو ڏيان، جيڪي توهان لاءِ هن (ٻار) کي پالين (۽ سنڀالين) ۽ اهي سندس لاءِ خير خواه

نٰصِحُوْنَ ﴿١٢﴾ فَرَدَدْنٰهُ اِلٰٓى اُمِّهٖ كَيْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَلَا تَحْزَنَ وَلِتَعْلَمَ

به آهن؟ ﴿١٢﴾ پوءِ ڪيس سندس ماءُ ڏانهن موٽايوسون ته جيئن سندس اکيون ٺرن ۽ (جدائيءَ جي ڪري) اها غم نه ڪري ۽

الربع ع ١٣ اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٣﴾ ع وَلَمَّا بَلَغَ

جيئن ڄاڻي ته بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي، پر انهن مان گهڻا (ماڻهو) نٿا ڄاڻن ﴿١٣﴾ ۽ جڏهن پنهنجي جوانيءَ ۽

اَشُدَّهٗ وَاسْتَوٰٓى اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا وَّعِلْمًا ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِى

پختي عمر کي پهتو ته ڪيس (نبوّت کان اڳ عقل ۽) دانائي ۽ علم عطا ڪيوسون ۽ اهڙيءَ طرح نيڪي ڪندڙن کي بدلو

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٤﴾ وَدَخَلَ الْمَدِيْنَةَ عَلٰى حِيْنِ غَفْلَةٍ مِّنْ اَهْلِهَا

ڏيندا آهيون ﴿١٤﴾ ۽ (موسيٰ علیہ السلام) شهر ۾ شهرين کان غفلت جي وقت (يعني مغرب ۽ عشا جي وچ ۾، يا ٻنپهرن جي

فَوَجَدَ فِيْهَا رَجُلَيْنِ يَقْتَتِلٰنِ ۗ هٰذَا مِنْ شِيْعَتِهٖ وَهٰذَا مِنْ

آرام وقت، يا عيد جي ڏينهن) داخل ٿيو، پوءِ اني ٻن ڄڻن (قبطي ۽ اسرائيليءَ) کي پاڻ ۾ وڙهندي ڏٺائين. هڪ سندس

عَدُوِّهٖ ۚ فَاسْتَغَاثَهُ الَّذِىْ مِنْ شِيْعَتِهٖ عَلَى الَّذِىْ مِنْ عَدُوِّهٖ ۙ

قوم مان هو ۽ هڪ سندس دشمن (قوم مان) هو. پوءِ سندس هم قوم، ان کان سندس دشمن جي مقابلي ۾ مدد گهري. پوءِ

فَوَكَزَهٗ مُوْسٰى فَقَضٰى عَلَيْهِ ۗ قَالَ هٰذَا مِنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ

موسيٰ (علیہ السلام) انهي (قبطيءَ) کي هڪ مُڪ هڻي ماري ڇڏيو. موسيٰ (علیہ السلام) چيو ته هيءُ (قتل) هڪ شيطاني عمل

عَدُوٌّ مُّضِلٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّىْ ظَلَمْتُ نَفْسِىْ فَاغْفِرْ لِىْ فَغَفَرَ

آهي. بيشڪ اهو پڌرو گمراه ڪندڙ دشمن آهي ﴿١٥﴾ (موسيٰ علیہ السلام) چيو ته ربّ منهنجا! بيشڪ مون پاڻ تي ظلم ڪيو،

لَهٗ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ﴿١٦﴾ قَالَ رَبِّ بِمَاۤ اَنۡعَمۡتَ عَلَىَّ فَلَنۡ

پوءِ منهنجي مغفرت فرماءِ. پوءِ الله سندس مغفرت فرمائي. بيشڪ اهو ئي مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿١٦﴾ (موسيٰ

اَكُوۡنَ ظَهِيۡرًا لِّلۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿١٧﴾ فَاَصۡبَحَ فِى الۡمَدِيۡنَةِ خَآئِفًا

عليه السلام) چيو تہ ربّ منهنجا! (مون کي بخشي) جيڪو انعام تو مون تي فرمايو آهي، (يعني منهنجي توبه قبول فرمائي آهي، هاڻي آئنده) آءٌ هرگز ڏوهارين جو مددگار نہ ٿيندس ﴿١٧﴾ پوءِ (موسيٰ عليه السلام) صبح تائين شهر ۾ ڊڄندي انتظار ڪندو رهيو. چا

يَّتَرَقَّبُ فَاِذَا الَّذِى اسۡتَنۡصَرَهٗ بِالۡاَمۡسِ يَسۡتَصۡرِخُهٗ ؕ قَالَ لَهٗ

تہ ڏسي تہ جنهن (اسرائيليءَ) ان کان ڪالهہ مدد گهري هئي، (سو اڄ ٻئي قبطيءَ جي مقابلي ۾) ان کان مدد گهري

مُوۡسٰٓى اِنَّكَ لَغَوِىٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿١٨﴾ فَلَمَّاۤ اَنۡ اَرَادَ اَنۡ يَّبۡطِشَ بِالَّذِىۡ

رهيو آهي. ڪيس چيائين تہ بيشڪ تون ئي پڌرو گمراه آهين ﴿١٨﴾ جڏهن (موسيٰ عليه السلام) ارادو ڪيو تہ

هُوَ عَدُوٌّ لَّهُمَا ۙ قَالَ يٰمُوۡسٰٓى اَتُرِيۡدُ اَنۡ تَقۡتُلَنِىۡ كَمَا قَتَلۡتَ

پنهنجي دشمن کي پڪڙي تہ مدد گهرندڙ (اسرائيليءَ) ڪيس چيو تہ اي موسيٰ (عليه السلام)! چا مون کي بہ

نَفۡسًۢا بِالۡاَمۡسِ ۖ اِنۡ تُرِيۡدُ اِلَّاۤ اَنۡ تَكُوۡنَ جَبَّارًا فِى الۡاَرۡضِ

قتل ڪرڻ گهرين ٿو، جيئن ڪالهہ تو هڪ شخص کي قتل ڪيو هو؟ بيشڪ تون گهرين ٿو تہ ملڪ ۾ ظلم ۾

وَمَا تُرِيۡدُ اَنۡ تَكُوۡنَ مِنَ الۡمُصۡلِحِيۡنَ ﴿١٩﴾ وَجَآءَ رَجُلٌ مِّنۡ اَقۡصَا

ڏاڍ ڪندو رهين ۽ اصلاح ڪرڻ نٿو گهرين ﴿١٩﴾ ۽ (ڪالهوڪي قتل جو راز ظاهر ٿيو تہ) شهر جي آخري ڇيڙي مان

الۡمَدِيۡنَةِ يَسۡعٰى ز قَالَ يٰمُوۡسٰٓى اِنَّ الۡمَلَاَ يَاۡتَمِرُوۡنَ بِكَ

هڪ شخص (مرد مؤمن، فرعون جو سوٽ) ڊوڙندو آيو، جنهن چيو تہ اي موسيٰ (عليه السلام)! بيشڪ سردار توکي قتل ڪرڻ

لِيَقۡتُلُوۡكَ فَاخۡرُجۡ اِنِّىۡ لَكَ مِنَ النّٰصِحِيۡنَ ﴿٢٠﴾ فَخَرَجَ مِنۡهَا خَآئِفًا

لاءِ رٿ رٿي رهيا آهن، سو (هتان) نڪري وڃ! بيشڪ آءٌ تنهنجو خيرخواه آهيان ﴿٢٠﴾ پوءِ شهر مان ڊڄندي ڊڄندي

٢٤ ع ٨ ٥

يَّتَرَقَّبُ ؕ قَالَ رَبِّ نَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢١﴾ ع وَلَمَّا تَوَجَّهَ تِلْقَآءَ

هوشياريءَ سان نڪتو. دعا ڪيائين ته ربّ منهنجا! مون کي ظالم قوم کان نجات ڏي ﴿٢١﴾ ۽ جڏهن مَديَن ڏانهن رخ ڪيائين،

مَدْيَنَ قَالَ عَسٰى رَبِّيْۤ اَنْ يَّهْدِيَنِيْ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿٢٢﴾ وَلَمَّا وَرَدَ مَآءَ

چيائين ته ويجهو آهي ته منهنجو ربّ مون کي (هن اڻ ڄاتل شهر ڏانهن) سنئين واٽ وٺائي ﴿٢٢﴾ ۽ جڏهن مَديَن جي

مَدْيَنَ وَجَدَ عَلَيْهِ اُمَّةً مِّنَ النَّاسِ يَسْقُوْنَ ۬ؗ وَوَجَدَ مِنْ دُوْنِهِمُ

پاڻيءَ جي جاءِ (کوهه) تي پهتو ته هڪ ٽوليءَ کي (کوهه مان) جانورن کي پاڻي پياريندي ڏٺائين ۽ انهن کان سواءِ ٻه عورتون
(يعني شعيب الطَيْـۃ جون نياڻيون) ڏٺائين، جيڪي (ٻڪرين جو) ڌڻ هڪ پاسي روڪي بيٺيون هيون، (جيئن سندن ٻڪريون

امْرَاَتَيْنِ تَذُوْدٰنِ ۚ قَالَ مَا خَطْبُكُمَا ؕ قَالَتَا لَا نَسْقِيْ حَتّٰى يُصْدِرَ

ٻئي ڌڻ سان نه ملن ۽ ماڻهو پاڻي پياري موٽي وڃن.) موسيٰ (الطَيْـۃ) پڇيو ته توهان جو ڪهڙو حال آهي، (ڌڻ کي

الرِّعَآءُ سكتة وَاَبُوْنَا شَيْخٌ كَبِيْرٌ ﴿٢٣﴾ فَسَقٰى لَهُمَا ثُمَّ تَوَلّٰۤى اِلَى الظِّلِّ

پاڻي ڇو نٿيون پياريو؟) چيائون ته اسان پاڻي پياري نه سگهنديون سين، تانجو ڌنار پنهنجا جانور ڪاهي وڃن ۽ اسان جو پيءُ
جهور پوڙهو آهي ﴿٢٣﴾ پوءِ موسيٰ (الطَيْـۃ) سندن ڌڻ کي (کوهه تان) پاڻي پياريو ۽ وڃي ڇانوَ هيٺان ويهي رهيو (۽ ٻڪايل هو.)

فَقَالَ رَبِّ اِنِّيْ لِمَآ اَنْزَلْتَ اِلَيَّ مِنْ خَيْرٍ فَقِيْرٌ ﴿٢٤﴾ فَجَآءَتْهُ

چيائين ته ربّ منهنجا! مون تي جيڪا ڀلائي ڪندين، تنهن لاءِ آءٌ محتاج آهيان ﴿٢٤﴾ پوءِ ٻنهي مان هڪڙي (عورت) حياءَ

اِحْدٰىهُمَا تَمْشِيْ عَلَى اسْتِحْيَآءٍ ؗ قَالَتْ اِنَّ اَبِيْ يَدْعُوْكَ لِيَجْزِيَكَ

ڪندي آئي. چوڻ لڳي ته بيشڪ منهنجو پيءُ توکي سڏي رهيو آهي، جيئن توکي اسان جي ڌڻ کي پاڻي پيارڻ جو بدلو

اَجْرَ مَا سَقَيْتَ لَنَا ؕ فَلَمَّا جَآءَهٗ وَقَصَّ عَلَيْهِ الْقَصَصَ ۙ

ڏي. پوءِ جڏهن موسيٰ وٽس آيو ۽ کيس (پنهنجو ڏک پريو) قصو ٻڌايائين ته (شعيب الطَيْـۃ کيس) چيو ته ڊڄ نه! ظالم قوم کان

قَالَ لَا تَخَفْ وقفة قف نَجَوْتَ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٥﴾ قَالَتْ اِحْدٰىهُمَا

نجات حاصل ڪري چڪو آهين، (جنهن جو حڪم اسان جي ملڪ تي نٿو هلي.) ﴿٢٥﴾ انهن مان هڪڙيءَ چيو ته اي منهنجا

يَاَبَتِ اسْتَاْجِرْهُ ز اِنَّ خَيْرَ مَنِ اسْتَاْجَرْتَ الْقَوِيُّ الْاَمِيْنُ ﴿٢٦﴾

ابا! کيس پاڻ وٽ مزدور رک، بيشک طاقتور ۽ امانتدار شخص کي مزدور رکڻ چڱو آهي، (جنهن پٽر کي ڏهه، يا چاليهه يا سو چڻا کڻي نٿا سگهن، ان کي هن اڪيلي سرسَتَ ڏئي هٽائي ڇڏيو ۽ برابر مون کي ڏسڻ کان پنهنجي نگاهه جي حفاظت ڪندو رهيو) ﴿٢٦﴾

قَالَ اِنِّيْۤ اُرِيْدُ اَنْ اُنْكِحَكَ اِحْدَى ابْنَتَيَّ هٰتَيْنِ عَلٰۤى اَنْ تَاْجُرَنِيْ

(شعيب عليه السلام) چيو ته بيشڪ آءٌ گهران ٿو ته پنهنجين هنن ٻنهي ڌيئرن مان هڪڙي توکي نڪاح ۾ ڏيان،

ثَمٰنِيَ حِجَجٍ ج فَاِنْ اَتْمَمْتَ عَشْرًا فَمِنْ عِنْدِكَ ج وَمَاۤ اُرِيْدُ اَنْ

بشرطيڪ اٺ سال ٻڪريون چارين، پوءِ جيڪڏهن ڏهه سال پورا ڪرين ته اها تنهنجي (ڀلائي) ٿيندي ۽

اَشُقَّ عَلَيْكَ ط سَتَجِدُنِيْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٢٧﴾ قَالَ

آءٌ توکي تڪليف ۾ وجهڻ نٿو گهران. الله گهريو ته مون کي نيڪ ماڻهن مان لهندين ﴿٢٧﴾ (موسيٰ عليه السلام) چيو ته

ذٰلِكَ بَيْنِيْ وَبَيْنَكَ ط اَيَّمَا الْاَجَلَيْنِ قَضَيْتُ فَلَا عُدْوَانَ عَلَيَّ ط

منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ اهو (معاهدو طي) آهي. ٻنهي مان جيڪا به مدت پوري ڪريان، مون کان ڪا پڪڙ پڇا نه

وَاللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿٢٨﴾ ع فَلَمَّا قَضٰى مُوْسَى الْاَجَلَ وَسَارَ بِاَهْلِهٖۤ ع ٢/٦

ٿيندي ۽ اسين جيڪي ڪجهه چئون ٿا، تنهن تي الله نگران آهي ﴿٢٨﴾ پوءِ جڏهن موسيٰ پنهنجي مدت پوري ڪئي ۽

اٰنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ نَارًا ج قَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْۤا اِنِّيْۤ اٰنَسْتُ

پنهنجي گهر وارن کي وٺي (مصر ڏانهن) هليو ته جبل طور وٽ باهه ڏٺائين. پنهنجي گهر وارن کي چيائين ته (اتي)

نَارًا لَّعَلِّيْۤ اٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ جَذْوَةٍ مِّنَ النَّارِ لَعَلَّكُمْ

ترسو! بيشڪ مون باهه ڏٺي آهي، شايد توهان وٽ اتان ڪا خبر چار آڻيان (ته رستو ڪهڙي طرف آهي)، يا باهه جو ٽانڊو

تَصْطَلُوْنَ ﴿٢٩﴾ فَلَمَّاۤ اَتٰهَا نُوْدِيَ مِنْ شَاطِئِ الْوَادِ الْاَيْمَنِ فِي

آڻيان. شايد توهان هٿ پير سيڪي سيءُ لاهيو ﴿٢٩﴾ پوءِ جڏهن (موسيٰ عليه السلام باهه وٽ) آيو ته برڪتن پري ماٿريءَ

الْبُقْعَةِ الْمُبٰرَكَةِ مِنَ الشَّجَرَةِ اَنْ يّٰمُوْسٰۤى اِنِّیْۤ اَنَا اللّٰهُ رَبُّ

جي ساڄي پاسي کان، وڻ مان کيس سڏيو ويو تہ اي موسيٰ! بيشڪ آءٌ ئي جھانن جو پالڻھار، الله

الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٠﴾ وَاَنْ اَلْقِ عَصَاكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى

آھيان ﴿٣٠﴾ ۽ (فرمايو ويو تہ) پنھنجي لٺ کي اڇلاءِ. پوءِ جڏھن ان کي نانگ وانگر ڇُرندي پُرندي ڏٺائين تہ پٺيرو

مُدْبِرًا وَّلَمْ يُعَقِّبْ ؕ يٰمُوْسٰۤى اَقْبِلْ وَلَا تَخَفْ ۫ اِنَّكَ مِنَ

ٿي ونڃي پيگو ۽ پوئتي منھن موڙي بہ نہ پٺي ڏٺائين. اي موسيٰ ! اڳتي وڌ ۽ نہ ڊڄ! بيشڪ تون امن ڏنلن

الْاٰمِنِيْنَ ﴿٣١﴾ اُسْلُكْ يَدَكَ فِیْ جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ

مان آھين ﴿٣١﴾ پنھنجي ھٿ کي پنھنجي گريبان (بغل) ۾ وجھي ٻاھر کڍ تہ بي عيب (۽) نوراني ٿي نڪرندو

سُوْٓءٍ ۫ وَّاضْمُمْ اِلَيْكَ جَنَاحَكَ مِنَ الرَّهْبِ فَذٰنِكَ بُرْهَانٰنِ مِنْ

۽ (ڊپ کان محفوظ رھڻ لاءِ) پنھنجيون ٻئي ٻانھون پاڻ سان ملاءِ. تنھنجي ربّ جي طرفان اھي ٻہ معجزا

رَّبِّكَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۠ئِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٣٢﴾ قَالَ

آھن. فرعون ۽ سندس سردارن ڏانھن وڃ، بيشڪ اھي ماڻھو ڏاڍا نافرمان ٿي چڪا آھن ﴿٣٢﴾ عرض ڪيائين تہ ربّ منھنجا!

رَبِّ اِنِّیْ قَتَلْتُ مِنْهُمْ نَفْسًا فَاَخَافُ اَنْ يَّقْتُلُوْنِ ﴿٣٣﴾ وَاَخِیْ

بيشڪ مون سندن ھڪ شخص کي قتل ڪيو آھي، ڊڄان ٿو تہ (متان بدلي ۾) مون کي قتل ڪن ﴿٣٣﴾ ۽ منھنجو ڀاءُ ھارون

هٰرُوْنُ هُوَ اَفْصَحُ مِنِّیْ لِسَانًا فَاَرْسِلْهُ مَعِیَ رِدْاً يُّصَدِّقُنِیْۤ ۫

زبان ۾ مون کان وڌيڪ فصيح (يعني صاف ۽ چٽو ڳالھائيندڙ) آھي، پوءِ کيس منھنجو مددگار ڪري موڪل، جيڪو منھنجي

اِنِّیْۤ اَخَافُ اَنْ يُّكَذِّبُوْنِ ﴿٣٤﴾ قَالَ سَنَشُدُّ عَضُدَكَ بِاَخِيْكَ وَ

تصديق ڪري. بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو تہ (فرعوني قوم) مون کي ڪوڙو ڪندي ﴿٣٤﴾ (الله) فرمايو تہ سگھوئي تنھنجي ڀاءُ جي ذريعي

مُعَانَقَة ١١ عِنْدَ الْمُتَأَخِّرِيْن

نَجْعَلُ لَكُمَا سُلْطٰنًا فَلَا يَصِلُوْنَ اِلَيْكُمَا ۚ بِاٰيٰتِنَآ ۚ اَنْتُمَا وَمَنِ

تنهنجو بازو مضبوط ڪنداسون ۽ توهان ٻنهي کي هڪ معجزو ڏينداسون، پوءِ توهان ٻنهي تائين پهچي نه سگهندا

اتَّبَعَكُمَا الْغٰلِبُوْنَ ﴿٣٥﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوْا

(۽ اهي توهان کي ڪو به نقصان پهچائي نه سگهندا.) توهان ٻئي ۽ توهان جي پيروي ڪندڙ ماڻهو ئي اسان جي معجزن سبب
غالب ٿيڻ وارا آهيو ﴿٣٥﴾ پوءِ جڏهن موسيٰ (عليه السلام) انهن وٽ اسان جي روشن معجزن سان آيو ته انهن (فرعونين) چيو ته

مَا هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّفْتَرًى وَّمَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيْٓ اٰبَآئِنَا

اهو ته رڳو هڪڙو ڪوڙو گهڙيل جادو آهي ۽ اسان پنهنجن اڳين ابن ڏاڏن کان ته اهي ڳالهيون نه ٻڌيون

الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٦﴾ وَقَالَ مُوْسٰى رَبِّيْٓ اَعْلَمُ بِمَنْ جَآءَ بِالْهُدٰى

آهن ﴿٣٦﴾ ۽ موسيٰ (عليه السلام) چيو ته منهنجو ربّ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ته ڪنهن شخص سندس طرفان هدايت آندي

مِنْ عِنْدِهٖ وَمَنْ تَكُوْنُ لَهٗ عَاقِبَةُ الدَّارِ ۭ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ

آهي ۽ ڪير آهي، جنهن لاءِ پڇاڙي (يعني آخرت) جو گهر آهي؟ بيشڪ ظالم ڪڏهن به ڪامياب نه

الظّٰلِمُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَقَالَ فِرْعَوْنُ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَاُ مَا عَلِمْتُ لَكُمْ مِّنْ

ٿيندا آهن ﴿٣٧﴾ ۽ فرعون چيو ته اي سردارو! آءٌ توهان لاءِ پاڻ کان سواءِ ڪنهن کي به خدا نٿو ڄاڻان. پوءِ اي

اِلٰهٍ غَيْرِيْ ۚ فَاَوْقِدْ لِيْ يٰهَامٰنُ عَلَى الطِّيْنِ فَاجْعَلْ لِّيْ صَرْحًا

هامان! منهنجي لاءِ باهه ۾ سرون پچاءِ، (يعني پڪين سرن سان) هڪ وڏو محل تيار ڪر، شايد انهيءَ

لَّعَلِّيْٓ اَطَّلِعُ اِلٰٓى اِلٰهِ مُوْسٰى ۙ وَاِنِّيْ لَاَظُنُّهٗ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٣٨﴾

تي چڙهي موسيٰ (عليه السلام) جي معبود کي جهاتي پائي ڏسان ۽ بيشڪ آءٌ کيس يقيناً ڪوڙن مان پانيان ٿو ﴿٣٨﴾

وَاسْتَكْبَرَ هُوَ وَجُنُوْدُهٗ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ

۽ فرعون ۽ سندس لشڪرن زمين ۾ ناحقّ وڏائي ڪئي ۽ انهن ڀانيو ته انهن کي اسان ڏانهن موٽايو

اِلَيْنَا لَا يُرْجَعُوْنَ ﴿٣٩﴾ فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِى الْيَمِّ ۚ

نہ ويندو ﴿٣٩﴾ پوءِ ان کي ۽ سندس لشڪرن کي پڪڙيوسون، پوءِ انهن کي درياءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيوسون. پوءِ ڏس تہ

فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٠﴾ وَجَعَلْنٰهُمْ اَئِمَّةً يَّدْعُوْنَ

ظالمن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ ﴿٤٠﴾ ۽ اسان انهن کي دوزخ ڏانهن سڏيندڙ اڳواڻ بڻائي ڇڏيو ۽ قيامت جي

اِلَى النَّارِ ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿٤١﴾ وَاَتْبَعْنٰهُمْ فِىْ هٰذِهِ

ڏينهن انهن کي مدد نہ ڏني ويندي ﴿٤١﴾ ۽ مٿن هن دنيا ۾ بہ لعنت مسلط ڪئي سون ۽ قيامت جي ڏينهن بہ

الدُّنْيَا لَعْنَةً ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ هُمْ مِّنَ الْمَقْبُوْحِيْنَ ﴿٤٢﴾ ع وَلَقَدْ

اهي بڇڙا (۽ الله جي رحمت کان تڙيل) هوندا ﴿٤٢﴾ ۽ بيشڪ اڳين زمانن (يعني قومن) کي هلاڪ ڪرڻ کان پوءِ

اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِ مَآ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ الْاُوْلٰى بَصَآئِرَ

موسيٰ (عليه السلام) کي ڪتاب (يعني توريت) ڏنوسون، جيڪو ماڻهن جي لاءِ نور ۽ هدايت ۽ رحمت هو، مَنَ اهي

لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٣﴾ وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ

نصيحت حاصل ڪن ﴿٤٣﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!) نہ تون (جبل طور جي) الهندي پاسي هئين، (جيڪا موسيٰ عليه السلام جي

الْغَرْبِيِّ اِذْ قَضَيْنَآ اِلٰى مُوْسَى الْاَمْرَ وَمَا كُنْتَ مِنَ

اسان سان ملاقات جي جاءِ هئي.) جڏهن موسيٰ کي (فرعون ڏانهن موڪلڻ لاءِ پيغمبري ڏيڻ) جو فيصلو ڪيوسون ۽ نہ تون (اتي)

الشّٰهِدِيْنَ ﴿٤٤﴾ لا وَلٰكِنَّآ اَنْشَاْنَا قُرُوْنًا فَتَطَاوَلَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ ۚ وَ

حاضر هئين ﴿٤٤﴾ ۽ پر اسان (مختلف) قومن کي پيدا ڪيو، پوءِ مٿن ڊگهو زمانو گذري ويو (۽ انهن الله تي ايمان آڻڻ جي عهد کي

مَا كُنْتَ ثَاوِيًا فِىْٓ اَهْلِ مَدْيَنَ تَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۙ وَلٰكِنَّا

وساري ڇڏيو) ۽ نہ تون مَدين وارن ۾ رهندڙ هئين، جو مٿن اسان جون آيتون پڙهين ها ۽ پر اسين ئي (رسولن کي) موڪليندڙ

كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الطُّوْرِ اِذْ نَادَيْنَا وَلٰكِنْ

آهيون ﴿٤٥﴾ ۽ جڏهن (موسىٰ کي) سڏيوسون، تڏهن بہ تون طور جبل جي پر پاسي ۾ نہ هئين (پر اسان اهو قصو توڏانهن وحي ۽

رَّحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ

جي وسيلي موڪليو) ۽ اها تنهنجي ربّ جي رحمت آهي تہ جيئن ان قوم کي ڊيڄارين، جن وٽ توکان اڳ ڪو ڊيڄاريندڙ نہ آيو

لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَلَوْلَآ اَنْ تُصِيْبَهُمْ مُّصِيْبَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ

آهي، مَنَ اهي نصيحت وٺن ﴿٤٦﴾ ۽ جيڪڏهن (هيءَ ڳالهہ) نہ هجي ها جو (جڏهن) سندن ڪرتوتن جي شامت سبب مٿن

اَيْدِيْهِمْ فَيَقُوْلُوْا رَبَّنَا لَوْلَآ اَرْسَلْتَ اِلَيْنَا رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ

ڪا مصيبت پهچي، پوءِ چون تہ ربّ اسان جا! تو اسان ڏانهن ڪو پيغمبر چو نہ موڪليو، جيئن تنهنجين آيتن جي پيري ڪريون ها ۽
مؤمنن مان ٿيون ها (تہ پڪ ڪين جلدي عذاب ڏيون ها، تنهن ڪري وٽن هڪ رسول ﷺ کي موڪليوسون، جيئن سندن حجت باقي نہ

وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٧﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْا

رهي.) ﴿٤٧﴾ پوءِ جڏهن ڪافرن وٽ اسان جي طرفان حقّ (يعني قرآن) آيو، چوڻ لڳا تہ (جيئن اسان ڪان) اڳ موسىٰ کي (ڪتاب) ڏنو

لَوْلَآ اُوْتِيَ مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى ط اَوَلَمْ يَكْفُرُوْا بِمَآ اُوْتِيَ

ويو، تيئن (حضرت محمد ﷺ جن کي هڪ پيري ڪتاب) چو نٿو ڏنو وڃي؟ (فرعونين ۾ ساڳيءَ طرح مڪي جي مشرڪن) چيو تہ

مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ج قَالُوْا سِحْرٰنِ تَظَاهَرَا قف وقفة وَقَالُوْآ اِنَّا بِكُلٍّ

(توريت ۽ قرآن) بہ جادو آهن، جيڪي هڪ ٻئي جي مدد ڪن ٿا ۽ چياؤن تہ بيشڪ اسين هر هڪ (يعني حضرت محمد ﷺ ۽ موسىٰ

كٰفِرُوْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ فَاْتُوْا بِكِتٰبٍ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ هُوَ اَهْدٰى مِنْهُمَآ

عليہ السلام ۽ سندن ڪتابن) جا انڪاري آهيون ﴿٤٨﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ چڱو! اللہ وٽان انهن ٻنهي کان وڌيڪ هدايت وارو ڪتاب آڻيو،

اَتَّبِعْهُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٩﴾ فَاِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكَ فَاعْلَمْ اَنَّمَا

جنهن جي آءٌ پيروي ڪريان، جيڪڏهن توهين سچا آهيو ﴿٤٩﴾ پوءِ جيڪڏهن تنهنجي ڳالهہ (يعني ڪتاب آڻڻ جي چيلينج) کي

يَتَّبِعُوْنَ اَهْوَآءَهُمْ ط وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ هُدًى

قبول نه ڪن ته پوءِ ڄاڻ ته اهي رڳو پنهنجين خواهشن جي پيروي ڪن ٿا ۽ انهيءَ شخص کان وڌيڪ گمراهه ڪير آهي، جيڪو الله

ع ٥ ٨ مِّنَ اللّٰهِ ط اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٠﴾ ع وَلَقَدْ

جي هدايت جي بجاءِ پنهنجين خواهشن جي پيروي ڪري؟ بيشڪ الله ظالم قوم کي هدايت نه ڏيندو آهي ﴿٥٠﴾ ۽ بيشڪ لڳاتار

وَصَّلْنَا لَهُمُ الْقَوْلَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٥١﴾ ط اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ

انهن (ڪافرن) لاءِ (هدايت جون) ڳالهيون موڪليندا رهيا سون، مَنَ اهي نصيحت وٺن ﴿٥١﴾ هن (قرآن) کان اڳ جن ماڻهن

الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِهٖ هُمْ بِهٖ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَاِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ قَالُوْٓا

کي ڪتاب ڏنو سون، اهي (نيڪ بخت) ان تي ايمان آڻين ٿا ﴿٥٢﴾ ۽ جڏهن مٿن (قرآن) پڙهجي ٿو، چون ٿا ته بيشڪ اسان

اٰمَنَّا بِهٖٓ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّنَآ اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلِهٖ مُسْلِمِيْنَ ﴿٥٣﴾

ان تي ايمان آندو، بيشڪ اسان جي ربّ جي طرفان اهو حقّ آهي. بيشڪ اسين هن (قرآن يا محمد ﷺ جي اچڻ) کان اڳ

اُولٰٓئِكَ يُؤْتَوْنَ اَجْرَهُمْ مَّرَّتَيْنِ بِمَا صَبَرُوْا وَيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ

۾ ئي مسلمان هئاسون ﴿٥٣﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن کي ٻيڻو اجر ڏنو ويندو، ڇاڪاڻ ته انهن (شريعت جي تعليم يا ڪافرن جي
ايذائن) تي صبر ڪيو (۽ هن ڪري به ته اهي پنهنجين اڳين) برائين کي ڀلائين سان ٽارين ٿا ۽ جيڪا روزي اسان انهن

السَّيِّئَةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٥٤﴾ وَاِذَا سَمِعُوا اللَّغْوَ

کي ڏني آهي، ان مان (نفساني خواهش هيٺ نه، پر الله تعاليٰ جي رضامنديءَ لاءِ) خرچ ڪن ٿا ﴿٥٤﴾ ۽ جڏهن (ڪافرن

اَعْرَضُوْا عَنْهُ وَقَالُوْا لَنَآ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ز سَلٰمٌ

جون بيجڙيون ۽) فضول ڳالهيون ٻڌن ٿا ته انهن کان منهن موڙين ٿا ۽ چون ٿا ته اسان لاءِ اسان جي عملن جو بدلو ۽ توهان لاءِ توهان جي
عملن جو بدلو آهي. توهان تي (دعا وارو نه پر جدائيءَ وارو) سلام آهي. اسين جاهلن سان (مقابلو ڪرڻ) نٿا گهرون (۽ اهو

عَلَيْكُمْ ز لَا نَبْتَغِى الْجٰهِلِيْنَ ﴿٥٥﴾ اِنَّكَ لَا تَهْدِىْ مَنْ اَحْبَبْتَ وَ

جهاد کان اڳ جو حڪم هو.) ﴿٥٥﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) بيشڪ جنهن کي تون پيارو رکين، تنهن کي هدايت نٿو ڏئي سگهين

لٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِىْ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿٥٦﴾ وَ

۽ پر الله جنهن کي گهري ٿو، هدايت ڏئي ٿو ۽ اهوئي (پنهنجي ازلي علم مطابق) هدايت وارن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ﴿٥٦﴾ ۽

قَالُوْۤا اِنْ نَّتَّبِعِ الْهُدٰى مَعَكَ نُتَخَطَّفْ مِنْ اَرْضِنَا ؕ اَوَلَمْ نُمَكِّنْ

مڪي جا مشرڪ) چون ٿا ته (اي محمد ﷺ!) جيڪڏهن توسان گڏ هدايت جي پيروي ڪنداسون ته پنهنجي سرزمين مان جهٽيا

لَّهُمْ حَرَمًا اٰمِنًا يُّجْبٰۤى اِلَيْهِ ثَمَرٰتُ كُلِّ شَىْءٍ رِّزْقًا مِّنْ

ويندا سون. (الله فرمائي ٿو ته) ڇا اسان کين (جنگ کان) پُر امن حرم نه ڏنو آهي، جتي اسان جي حڪم سان هر قسم
جي ميون مان روزي آندي وڃي ٿي ۽ پر انهن مان گهڻا نٿا ڄاڻن (يعني الله ڪفر جي حالت ۾ کين امن ۽ روزي ڏئي ٿو،

لَّدُنَّا وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَكَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍۢ

ته اسلام آڻڻ سبب ته وڌيڪ عطا فرمائيندو) ﴿٥٧﴾ ۽ ڪيترا ڳوٺ آهن، جن کي هلاڪ ڪيوسون، جيڪي پنهنجي خوشحال

بَطِرَتْ مَعِيْشَتَهَا ۚ فَتِلْكَ مَسٰكِنُهُمْ لَمْ تُسْكَنْ مِّنْۢ بَعْدِهِمْ اِلَّا

زندگيءَ تي (الله جو شڪر ڪرڻ جي بجاءِ) سرڪشي ڪندا هئا. پوءِ اِهي آهن سندن رهڻ جون وسنديون، جتي انهن

قَلِيْلًا ؕ وَكُنَّا نَحْنُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿٥٨﴾ وَمَا كَانَ رَبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى

کان پوءِ وري آبادي نه ٿي، مگر ڪا ٿوري ۽ اسان ئي (سموري ڪائنات جا) وارث آهيون ﴿٥٨﴾ ۽ الله ڳوٺن کي هلاڪ ڪندڙ نه آهي،

حَتّٰى يَبْعَثَ فِىْۤ اُمِّهَا رَسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۚ وَمَا كُنَّا

تانجو انهن جي مرڪزي شهر ۾ ڪو پيغمبر موڪلي، جيڪو کين اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائي ۽ اسان ڳوٺن کي تڏهن

مُهْلِكِى الْقُرٰۤى اِلَّا وَاَهْلُهَا ظٰلِمُوْنَ ﴿٥٩﴾ وَمَاۤ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَىْءٍ

هلاڪ ڪندا آهيون، جڏهن اتان جا رهواسي ظلم ڪرڻ وارا هوندا آهن ﴿٥٩﴾ ۽ توهان کي جيڪي ڪجهه ڏنو ويو آهي، سو

فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَزِيْنَتُهَا ۚ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ؕ اَفَلَا

دنياوي زندگيءَ جو ٿورڙو سامان ۽ سينگار آهي ۽ جيڪو (ثواب ۽ جيڪا عزت) الله وٽ آهي، سا وڌيڪ چڱي ۽ (هميشه)

ع ٦ ١٠ ٩

تَعْقِلُوْنَ ۟ؑ ﴿٦٠﴾ اَفَمَنْ وَّعَدْنٰهُ وَعْدًا حَسَنًا فَهُوَ لَاقِيْهِ كَمَنْ مَّتَّعْنٰهُ

باقي رهندڙ آهي. ڇا پوءِ عقل کان ڪم نٿا وٺو؟ ﴿٦٠﴾ ڇا پوءِ جنهن شخص سان اسان (بهشت ۽ بقاءِ رضا ۾ ملاقات جو) سهڻو
وعدو ڪيو، پوءِ اهو ان کي (سچو) لهڻ وارو آهي، سو انهيءَ شخص وانگر آهي، جنهن کي دنياوي زندگيءَ جو

مَتَاعَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ثُمَّ هُوَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مِنَ الْمُحْضَرِيْنَ ﴿٦١﴾ وَ

(معمولي) سامان ڏنوسون، پوءِ اهو قيامت جي ڏينهن (دوزخ ۾) حاضر ٿيڻ وارو آهي ﴿٦١﴾ ۽ (قيامت جي

يَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٦٢﴾

ڏينهن (الله ڪافرن) کي سڏي چوندو ته (دنيا ۾) جن کي توهان منهنجو شرڪ ڀائيندا هئا، سي (اڄ) ڪٿي آهن؟ ﴿٦٢﴾

قَالَ الَّذِيْنَ حَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَغْوَيْنَا ۚ

جن ماڻهن تي (اسان جي عذاب جو) قول واجب ٿي چڪو آهي (يعني ڪافرن جا سردار ۽ شيطان) اهي چوندا ته ربّ
اسان جا! هي آهن اُهي ماڻهو جن کي اسان گمراه ڪيو، جيئن اسان پاڻ گمراه ٿياسون، تيئن هنن کي به گمراه

اَغْوَيْنٰهُمْ كَمَا غَوَيْنَا ۚ تَبَرَّاْنَآ اِلَيْكَ ۫ مَا كَانُوْٓا اِيَّانَا يَعْبُدُوْنَ ﴿٦٣﴾

ڪيوسون. اسين تو وٽ پنهنجي بيزاري پيش ڪريون ٿا. اهي خاص اسان جي عبادت ڪونه ڪندا هئا ﴿٦٣﴾

وَقِيْلَ ادْعُوْا شُرَكَآءَكُمْ فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَرَاَوُا

۽ (ڪين) چيو ويندو ته پنهنجن شريڪن کي سڏيو، پوءِ ڪين سڏيندا، پر انهن کي جواب نه ڏيندا ۽ عذاب کي ڏسي

الْعَذَابَ ۚ لَوْ اَنَّهُمْ كَانُوْا يَهْتَدُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ

(چوندا) ته جيڪر اهي هدايت حاصل ڪن ها ﴿٦٤﴾ ۽ (انهيءَ) ڏينهن الله تعاليٰ انهن کي سڏي، پڇندو ته توهان

مَاذَآ اَجَبْتُمُ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٦٥﴾ فَعَمِيَتْ عَلَيْهِمُ الْاَنْۢبَآءُ يَوْمَىِٕذٍ فَهُمْ

پيغمبرن کي ڪهڙو جواب ڏنو هو؟ ﴿٦٥﴾ پوءِ ان ڏينهن مٿن (معافي وٺڻ بابت) خبرون ڳجهيون ٿي وينديون، پوءِ هڪ

لَا يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿٦٦﴾ فَاَمَّا مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَعَسٰٓى

ٻئي کان پڇي نه سگهندا (ته ڪهڙي حجت پيش ڪن) ﴿٦٦﴾ پوءِ رهيو اهو شخص جنهن توبه ڪئي ۽ چڱا ڪم ڪيائين ته

اَنْ يَّكُوْنَ مِنَ الْمُفْلِحِيْنَ ﴿٦٧﴾ وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ وَيَخْتَارُ ؕ

ويجهو آهي تہ اهو ڪاميابي حاصل ڪندڙن مان ٿئي ﴿٦٧﴾ ۽ تنهنجو ربّ جيڪي گھري ٿو، پيدا ڪري ٿو ۽ (جنهن ڪي) گھري ٿو

مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٨﴾

چونڊي ٿو. انهن (يعني مخلوق) ڪي اهڙو ڪو اختيار نہ آهي. جيڪو شرڪ اهي ڪن ٿا، تنهن ڪان الله پاڪ ۽ بلند آهي ﴿٦٨﴾

وَرَبُّكَ يَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوْرُهُمْ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ﴿٦٩﴾ وَهُوَ اللّٰهُ لَآ

۽ سندن سينا جيڪي ڳالهيون لڪائين ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا، تن ڪي تنهنجو ربّ ڄاڻي ٿو ﴿٦٩﴾ ۽ اهو الله ئي آهي،

اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ لَهُ الْحَمْدُ فِى الْاُوْلٰى وَالْاٰخِرَةِ ز وَلَهُ الْحُكْمُ

جنهن ڪان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، دنيا ۽ آخرت ۾ سندس ئي ساراهہ ۽ سندس ئي حڪم آهي ۽ ان ڏانهن ئي

وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٧٠﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ الَّيْلَ

توهان ڪي موٽايو ويندو ﴿٧٠﴾ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ ڏسو تہ جيڪڏهن الله توهان تي رات ڪي قيامت جي ڏينهن تائين

سَرْمَدًا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِضِيَآءٍ ؕ

هميشہ لاءِ (مسلط) ڪري ڇڏي تہ الله ڪان سواءِ ڪير خدا آهي، جيڪو توهان تي روشني آڻيندو؟ ڇا پوءِ توهان

اَفَلَا تَسْمَعُوْنَ ﴿٧١﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ النَّهَارَ

نٿا ٻڌو؟ ﴿٧١﴾ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ تہ ڏسو، جيڪڏهن الله توهان تي ڏينهن ڪي قيامت جي ڏينهن تائين سدائين باقي

سَرْمَدًا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِلَيْلٍ

رکي تہ الله ڪان سواءِ ڪير معبود آهي جيڪو توهان لاءِ رات ڪي آڻيندو، جنهن ۾ توهان آرام حاصل ڪريو، ڇا پوءِ (الله

تَسْكُنُوْنَ فِيْهِ ؕ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٧٢﴾ وَمِنْ رَّحْمَتِهٖ جَعَلَ لَكُمُ

جي قدرت ڪي) نٿا ڏسو؟ (جو ايمان آڻيو) ﴿٧٢﴾ ۽ سندس رحمت مان هي بہ آهي تہ انهيءَ رات ۽ ڏينهن ڪي پيدا ڪيو،

الَّيۡلَ وَالنَّهَارَ لِتَسۡكُنُوۡا فِيۡهِ وَلِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ وَلَعَلَّكُمۡ

جيئن رات ۾ سڪون حاصل ڪريو ۽ ڏينهن ۾ سندس فضل (يعني روزي) تلاش ڪريو ۽ مَنَ توهان (سندس نعمتن جو)

تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۷۳﴾ وَيَوۡمَ يُنَادِيۡهِمۡ فَيَقُوۡلُ اَيۡنَ شُرَكَآءِىَ الَّذِيۡنَ

شڪر ڪريو ﴿۷۳﴾ ۽ (اي محمد ﷺ! ياد ڪر انهيءَ) ڏينهن کي، جڏهن الله کين سڏيندو. پوءِ فرمائيندو ته ڪٿي آهن

كُنۡتُمۡ تَزۡعُمُوۡنَ ﴿۷۴﴾ وَنَزَعۡنَا مِنۡ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيۡدًا فَقُلۡنَا هَاتُوۡا

منهنجا اهي شريڪ جن جي باري ۾ توهان (دنيا ۾) دعويٰ ڪندا هئا ﴿۷۴﴾ ۽ هر امت مان (سندن خلاف) هڪ شاهد (يعني

بُرۡهَانَكُمۡ فَعَلِمُوۡۤا اَنَّ الۡحَقَّ لِلّٰهِ وَضَلَّ عَنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا

پيغمبر) ڪڍي آڻينداسون. پوءِ (مشرڪن کي) چونداسون ته پنهنجو دليل آڻيو (ته ڇا اهي توهان جا معبود منهنجا شريڪ
آهن؟) پوءِ کين معلوم ٿي ويندو ته سچي ڳالهه الله جي ٿي آهي ۽ جيڪا بهتان بازي اهي ڪندا آهن، سا انهن کان گم ٿي

يَفۡتَرُوۡنَ ﴿۷۵﴾ ع اِنَّ قَارُوۡنَ كَانَ مِنۡ قَوۡمِ مُوۡسٰى فَبَغٰى عَلَيۡهِمۡ ص ع ۱۵ ۱۰

ويندي ﴿۷۵﴾ بيشڪ قارون موسىٰ جي قوم مان (۽ سندس سوٽ) هو. پوءِ (وڏائي، بخيلي ۽ موسىٰ جي مخالفت ڪري) مٿن

وَاٰتَيۡنٰهُ مِنَ الۡكُنُوۡزِ مَاۤ اِنَّ مَفَاتِحَهٗ لَتَنُوۡٓاُ بِالۡعُصۡبَةِ اُولِى

ظلم ڪيائين ۽ اسان کيس ايترا خزانا ڏنا هئا، جو انهن جون چابيون (ستر ڄڻن يا سٺ ڄڻن جي) هڪ طاقتور ٽوليءَ لاءِ

الۡقُوَّةِ ق اِذۡ قَالَ لَهٗ قَوۡمُهٗ لَا تَفۡرَحۡ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الۡفَرِحِيۡنَ ﴿۷۶﴾

کڻڻ مشڪل هوندو هو. جڏهن کيس سندن قوم چيو ته آڪڙ نه ڪر، بيشڪ الله آڪڙ ڪندڙن کي پسند نٿو فرمائي ﴿۷۶﴾

وَابۡتَغِ فِيۡمَاۤ اٰتٰٮكَ اللّٰهُ الدَّارَ الۡاٰخِرَةَ وَلَا تَنۡسَ نَصِيۡبَكَ

۽ الله توکي جيڪو (مال دولت) عطا فرمايو آهي، ان جي ذريعي آخرت جي گهر جي ڀلائي طلب ڪر (۽ ان کي الله

مِنَ الدُّنۡيَا وَاَحۡسِنۡ كَمَاۤ اَحۡسَنَ اللّٰهُ اِلَيۡكَ وَلَا تَبۡغِ الۡفَسَادَ

جي رضا لاءِ خرچ ڪر) ۽ دنيا مان پنهنجو نصيب نه وسار، (يعني آخرت وارا ڪم ڪر) ۽ جيئن الله تو تي ڀلائي ڪئي

فِى الْاَرْضِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٧٧﴾ قَالَ اِنَّمَآ اُوْتِيْتُهٗ

آهي، (تيئن ماڻهن سان) تون بہ ڀلائي ڪر ۽ زمين ۾ فساد نہ وجھ. بيشڪ الله فسادين کي پسند نہ ڪندو آهي ﴿٧٧﴾ (قارون) چيو
تہ اهو (مال) مون کي منهنجي علم (يعني توريت جي علم، يا تجارت جي علم، يا زراعت ۽ ڪيميا جي علم) جي آڌار تي مليو

عَلٰى عِلْمٍ عِنْدِيْ ؕ اَوَلَمْ يَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ قَدْ اَهْلَكَ مِنْ قَبْلِهٖ

آهي. ڇا ڪيس معلوم نہ هو تہ ان کان اڳ الله گھڻيون ئي امتون هلاڪ ڪري چڪو آهي، جيڪي ان کان قوت ۾

مِنَ الْقُرُوْنِ مَنْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُ قُوَّةً وَّاَكْثَرُ جَمْعًا ؕ وَلَا

جمعيت ۾ سگھاريون ۽ مال متاع ۾ وڌيڪ هيون ۽ (قيامت جي ڏينهن) گنهگارن کان سندن گناهن جي باري ۾

يُسْـَٔلُ عَنْ ذُنُوْبِهِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٧٨﴾ فَخَرَجَ عَلٰى قَوْمِهٖ فِيْ زِيْنَتِهٖ ؕ

پڇيو نہ ويندو (بلڪ بلا حساب ڪين دوزخ ۾ ڌڪيو ويندو.) ﴿٧٨﴾ پوءِ (هڪ ڏينهن قارون) پنهنجي قوم ۾ سينگار (۽ ٺاٺ

قَالَ الَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا يٰلَيْتَ لَنَا مِثْلَ مَآ

ٻاٽ سان) ٻاهر نڪتو. جيڪي ماڻهو دنياوي زندگيءَ جا طالب هئا، سي چوڻ لڳا تہ جيڪر اسان وٽ بہ اهڙو (مال

اُوْتِيَ قَارُوْنُ ۙ اِنَّهٗ لَذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ ﴿٧٩﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا

متاع) هجي ها، جهڙو قارون کي ڏنو ويو آهي. بيشڪ اهو تہ ڪو وڏي نصيب وارو آهي ﴿٧٩﴾ ۽ جن ماڻهن کي علم

الْعِلْمَ وَيْلَكُمْ ثَوَابُ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّمَنْ اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ۚ وَلَا

ڏنو ويو هو، تن چيو تہ توهان تي افسوس! جنهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائين، تنهن لاءِ الله جو اجر وڌيڪ چڱو

يُلَقّٰىهَآ اِلَّا الصّٰبِرُوْنَ ﴿٨٠﴾ فَخَسَفْنَا بِهٖ وَبِدَارِهِ الْاَرْضَ ۣ فَمَا

آهي ۽ رڳو صبر ڪرڻ وارا ئي ان کي حاصل ڪري سگھن ٿا ﴿٨٠﴾ پوءِ ان کي ۽ سندس گھر کي زمين ۾ غرق

كَانَ لَهٗ مِنْ فِئَةٍ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۤ وَمَا كَانَ

ڪري ڇڏيوسون. پوءِ الله جي مقابلي ۾ ڪا بہ جماعت سندس مدد ڪرڻ واري نہ هئي ۽ نہ ئي اهو پاڻ بدلو وٺي

مِنَ الۡمُنۡتَصِرِيۡنَ ﴿٨١﴾ وَاَصۡبَحَ الَّذِيۡنَ تَمَنَّوۡا مَكَانَهٗ بِالۡاَمۡسِ

سگهيو ﴿٨١﴾ ۽ جيڪي ماڻهو ڪالهه تائين سندس مَانَ مرتبي جي تمنا ڪري رهيا هئا، اهي چوڻ لڳا تہ هاءِ (سندس)

يَقُوۡلُوۡنَ وَيۡكَاَنَّ اللّٰهَ يَبۡسُطُ الرِّزۡقَ لِمَنۡ يَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖ

شامت! الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن جي روزي گهري ٿو، ڪشادي ڪري ٿو (۽ جنهن جي گهري ٿو) تنگ ڪري ٿو.

وَيَقۡدِرُ ۚ لَوۡلَاۤ اَنۡ مَّنَّ اللّٰهُ عَلَيۡنَا لَخَسَفَ بِنَا ؕ وَيۡكَاَنَّهٗ لَا

جيڪڏهن الله اسان تي احسان نہ ڪري ها (جو قارون وانگر وڏائي ۽ فساد ڪرڻ ڪان اسان جي حفاظت ڪيائين) تہ اسان

يُفۡلِحُ الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿٨٢﴾ تِلۡكَ الدَّارُ الۡاٰخِرَةُ نَجۡعَلُهَا لِلَّذِيۡنَ لَا

کي بہ زمين ۾ غرق ڪري ڇڏي ها. هاءِ خرابي! ڪافر ڪامياب نہ ٿيندا آهن ﴿٨٢﴾ ۽ اسان آخرت جو گهر انهن ماڻهن

يُرِيۡدُوۡنَ عُلُوًّا فِى الۡاَرۡضِ وَلَا فَسَادًا ؕ وَالۡعَاقِبَةُ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿٨٣﴾

لاءِ تيار ڪيو آهي، جيڪي زمين ۾ وڏائي ۽ فساد ڪرڻ نہ گهرندا آهن ۽ آخرت پرهيزگارن لاءِ آهي ﴿٨٣﴾

مَنۡ جَآءَ بِالۡحَسَنَةِ فَلَهٗ خَيۡرٌ مِّنۡهَا ۚ وَمَنۡ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ

جيڪو شخص (هڪڙي) نيڪي آڻيندو، تنهن لاءِ ان کان وڌيڪ چڱو (اجر) آهي ۽ جيڪو شخص (هڪڙي) برائي

فَلَا يُجۡزَى الَّذِيۡنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ اِلَّا مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿٨٤﴾

آڻيندو، تہ پوءِ جيڪي ماڻهو برائي ڪن ٿا، انهن کي فقط سندن ڪرتوتن موجب ئي بدلو ڏنو ويندو ﴿٨٤﴾ (اي محمّد ﷺ!)

اِنَّ الَّذِىۡ فَرَضَ عَلَيۡكَ الۡقُرۡاٰنَ لَرَآدُّكَ اِلٰى مَعَادٍ ؕ قُلۡ رَّبِّىۡۤ

بيشڪ الله جنهن تو تي قرآن (تي عمل) کي فرض فرمايو، اهو تو کي پنهنجي موٽڻ جي جاءِ (يعني مڪي پاڪ) موٽائڻ وارو

اَعۡلَمُ مَنۡ جَآءَ بِالۡهُدٰى وَمَنۡ هُوَ فِىۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ﴿٨٥﴾ وَمَا

آهي. فرماءِ تہ منهنجو ربّ ان شخص کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو، جنهن هدايت آندي ۽ جيڪو پڌري گمراهيءَ ۾ آهي ﴿٨٥﴾ تو کي

كُنْتَ تَرْجُوْٓا اَنْ يُّلْقٰٓى اِلَيْكَ الْكِتٰبُ اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ

اميد نہ هئي تہ توتي اهو ڪتاب لاٿو ويندو ۽ پر اها تنهنجي ربّ جي رحمت آهي، پوءِ هرگز ڪافرن جو

فَلَا تَكُوْنَنَّ ظَهِيْرًا لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٦﴾ وَلَا يَصُدُّنَّكَ عَنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ

مددگار نہ ٿيءُ ﴿٨٦﴾ ۽ (اي پيغمبر سڳورا ﷺ! مشرڪ) تو کي پاڻ وٽ الله تعاليٰ جي آيتن جي نازل ٿيڻ

بَعْدَ اِذْ اُنْزِلَتْ اِلَيْكَ وَادْعُ اِلٰى رَبِّكَ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ

کان بعد هرگز (انهن کان) نہ روڪين ۽ پنهنجي ربّ پاڪ ڏانهن دعوت ڏيندو رهہ ۽ هرگز تون مشرڪن مان نہ

الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَلَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ م لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ قف

وقف لازم

ٿيءُ ﴿٨٧﴾ ۽ الله سان گڏ ٻئي ڪنهن معبود کي نہ پڪار! ان کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي. سندس (پاڪ) ذات کان

كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ ط لَهُ الْحُكْمُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٨٨﴾ ع

ع ٢ النصف

سواءِ هر هڪ شيءِ هلاڪ ٿيڻ واري آهي. سندس ئي حڪم آهي ۽ ان ڏانهن ئي توهان کي موٽايو ويندو ﴿٨٨﴾

اٰيَاتُهَا ٦٩ (٢٩) سُوْرَةُ الْعَنْكَبُوْتِ مَكِّيَّةٌ (٨٥) رُكُوْعَاتُهَا ٧

سورة العنڪبوت مڪي آهي ۽ ان ۾ اٺهتر آيتون ۽ ست رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

پنهنجو وقت سنو گذاريان ٿو، الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

الٓمّٓ ﴿١﴾ ج اَحَسِبَ النَّاسُ اَنْ يُّتْرَكُوْٓا اَنْ يَّقُوْلُوْٓا اٰمَنَّا وَهُمْ لَا

الٓمّٓ آءٌ ئي خدا آهيان، جو هر شيءِ کي ڄاڻان ٿو ﴿١﴾ ڇا ماڻهو ڀانئين ٿا تہ ڪين (ايترو) چوڻ تي ڇڏيو ويندو تہ ايمان آندو اسان ۽

يُفْتَنُوْنَ ﴿٢﴾ وَلَقَدْ فَتَنَّا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلَيَعْلَمَنَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ

ڪين آزمايو نہ ويندو ﴿٢﴾ ۽ بيشڪ جيڪي ماڻهو انهن کان اڳ هئا، تن کي بہ آزمايو سون. پوءِ ضرور الله سچن کي (آزمائي)

صَدَقُوْا وَلَيَعْلَمَنَّ الْكٰذِبِيْنَ ۝٣ اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ

ظاهر ڪندو ۽ ضرور ڪوڙن کي به (آزمائي) ظاهر ڪندو ۝٣ يا جيڪي ماڻهو بڇڙا ڪم ڪن ٿا، ڀانئين ٿا ته اسان کان اڳرائي ڪندا

السَّيِّاٰتِ اَنْ يَّسْبِقُوْنَا ؕ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ۝٤ مَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ

(اسين انهن کان بدلو وٺڻ جي سگهه نٿا رکون) ڏاڍو بڇڙو گمان ڪن ٿا ۝٤ جيڪو الله جي ملاقات جو يقين رکي ٿو (۽ سندس عذاب

اللّٰهِ فَاِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ لَاٰتٍ ؕ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ۝٥ وَمَنْ جَاهَدَ

کان ڊڄي ٿو)، ته پوءِ بيشڪ الله (جي ثواب) جو وعدو اچڻ وارو آهي ۽ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي ۝٥ ۽ جيڪو شخص (خدا جي

فَاِنَّمَا يُجَاهِدُ لِنَفْسِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَغَنِيٌّ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ۝٦ وَالَّذِيْنَ

فرمانبرداريءَ ۾) ڪوشش ڪري ٿو، اهو دراصل پنهنجي لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. بيشڪ الله جهانن وارن کان بي نياز آهي ۝٦ ۽ جن

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَنَجْزِيَنَّهُمْ

ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، ضرور انهن کان سندن مدايون مٽائينداسون ۽ ضرور کين انهن چڱن ڪمن جو بدلو

اَحْسَنَ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝٧ وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ

ڏينداسون، جيڪي اهي ڪن ٿا ۝٧ ۽ بيشڪ اسان انسان کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان سهڻي سلوڪ جي وصيت ڪئي ۽ (اي

حُسْنًا ؕ وَاِنْ جَاهَدٰكَ لِتُشْرِكَ بِيْ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ فَلَا

انسان!) جيڪڏهن توکي مجبور ڪن ته مون سان ان کي شريڪ ڪر، جنهن لاءِ تو وٽ علم نه آهي ته سندن چيو نه مڃ. بيشڪ مون

تُطِعْهُمَا ؕ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝٨ وَالَّذِيْنَ

ڏانهن ئي توهان جو موٽڻ آهي، پوءِ جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، ان جي باري ۾ توهان کي خبر ڏيندس ۝٨ ۽ جن ماڻهن

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُدْخِلَنَّهُمْ فِي الصّٰلِحِيْنَ ۝٩ وَمِنَ النَّاسِ

(الله تي) ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، تن کي ضرور نيڪن ۾ شامل ڪنداسون ۝٩ ۽ ماڻهن مان ڪو آهي، جيڪو چوي ٿو ته

مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ فَاِذَآ اُوْذِیَ فِی اللّٰهِ جَعَلَ فِتْنَةَ النَّاسِ

مون الله تي ايمان آندو. پوءِ جڏهن ڪيس الله جي رستي ۾ ايذايو وڃي ٿو ته ماڻهن جي رنجائڻ ڪي الله جي عذاب وانگر

كَعَذَابِ اللّٰهِ ؕ وَلَئِنْ جَآءَ نَصْرٌ مِّنْ رَّبِّكَ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّا كُنَّا

سمجهي ٿو ۽ جيڪڏهن (مؤمنن وٽ) تنهنجي ربّ جي مدد ايندي آهي ته يقيناً چوندو آهي ته بيشڪ اسين توهان سان گڏ

مَعَكُمْ ؕ اَوَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِمَا فِیْ صُدُوْرِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠﴾

هئاسون. ڇا جيڪي ڪجهه جهانن وارن جي سينن ۾ آهي، تنهن کي الله تعاليٰ وڏيڪ ڄاڻندڙ نه آهي؟ ﴿١٠﴾

وَلَيَعْلَمَنَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَيَعْلَمَنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ ﴿١١﴾ وَقَالَ

۽ ضرور الله تعاليٰ ايمان وارن کي به ڄاڻندو ۽ ضرور منافقن کي به ڄاڻندو ﴿١١﴾ ۽ چيو (مڪي وارن مان جيڪي) ڪافر ٿيا،

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّبِعُوْا سَبِيْلَنَا وَلْنَحْمِلْ

مؤمنن کي ته اسان جي (دين جي) رستي جي پيروي ڪريو (جيڪڏهن اهو گناه جو ڪم آهي ته) ضرور اسين توهان جا گناه

خَطٰيٰكُمْ ؕ وَمَا هُمْ بِحٰمِلِيْنَ مِنْ خَطٰيٰهُمْ مِّنْ شَیْءٍ ؕ اِنَّهُمْ

کڻنداسون، حالانڪ (جيڪڏهن اهي مرتد ٿين ته) اهي (ڪافر) سندن گناهن مان ڪجهه به بار کڻڻ وارا نه آهن (جو انهن تان

لَكٰذِبُوْنَ ﴿١٢﴾ وَلَيَحْمِلُنَّ اَثْقَالَهُمْ وَاَثْقَالًا مَّعَ اَثْقَالِهِمْ ز

عذاب هلڪو ٿئي) بيشڪ اهي ڪوڙا آهن ﴿١٢﴾ ۽ ضرور اهي پنهنجن (گناهن جا) بار به کڻندا ۽ (ٻين کي گمراه ڪرڻ سبب) پنهنجن

وَلَيُسْئَلُنَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عَمَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣﴾ ع وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا ع ١٣ ١٣

بارن سان گڏوگڏ ٻيا بار به کڻندا ۽ جيڪا بهتان بازي اهي ڪن ٿا، ان جي باري ۾ ضرور انهن کان پڇيو ويندو ﴿١٣﴾ ۽ بيشڪ نوح

نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَلَبِثَ فِيْهِمْ اَلْفَ سَنَةٍ اِلَّا خَمْسِيْنَ عَامًا ؕ

کي سندس قوم ڏانهن موڪليو سون. پوءِ منجهن پنجاهه گهٽ هڪ هزار سال رهيو (۽ سندس عمر چوڏهن سو سال هئي) پوءِ

فَاَخَذَهُمُ الطُّوۡفَانُ وَهُمۡ ظٰلِمُوۡنَ ﴿۱۴﴾ فَاَنۡجَيۡنٰهُ وَاَصۡحٰبَ

ڪين طوفان اچي پڪڙيو ۽ اهي ظالم هئا ﴿۱۴﴾ ۽ پوءِ ڪيس ۽ ٻيڙيءَ وارن کي نجات ڏني سون ۽ انهيءَ (عذاب يا

السَّفِيۡنَةِ وَجَعَلۡنٰهَاۤ اٰيَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۵﴾ وَاِبۡرٰهِيۡمَ اِذۡ قَالَ

ٻيڙيءَ) کي جهانن وارن لاءِ (بدلي وٺڻ جي) هڪڙي نشاني بڻايوسون ﴿۱۵﴾ ۽ ابراهيم (عليه السلام کي ياد ڪر) جڏهن ان

لِقَوۡمِهِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ وَاتَّقُوۡهُ ؕ ذٰلِكُمۡ خَيۡرٌ لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ

پنهنجي قوم کي چيو ته هڪ الله جي عبادت ڪريو ۽ ان کان ڊڄو. توهان لاءِ اهوئي (ڪم) چڱو آهي، جيڪڏهن توهان

تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۶﴾ اِنَّمَا تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اَوۡثَانًا وَّتَخۡلُقُوۡنَ

ڄاڻو ٿا ﴿۱۶﴾ دراصل توهان ته الله کان سواءِ رڳو ڪن بتن جي پوڄا ڪريو ٿا ۽ ڪوڙ پيا ڳالهايو ته (اهي بت خدا آهن)

اِفۡكًا ؕ اِنَّ الَّذِيۡنَ تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ لَا يَمۡلِكُوۡنَ

بيشڪ الله کان سواءِ جن جي توهان عبادت ڪريو ٿا، اهي توهان کي روزي پهچائڻ جي سگهه نٿا رکن. پوءِ الله کان ئي

لَكُمۡ رِزۡقًا فَابۡتَغُوۡا عِنۡدَ اللّٰهِ الرِّزۡقَ وَاعۡبُدُوۡهُ وَاشۡكُرُوۡا لَهٗ ؕ

روزي گهرو ۽ (اخلاص سان) سندس ئي عبادت ڪريو ۽ سندس ئي شڪر ڪريو. توهان کي انهيءَ (الله) ڏانهن ئي موٽايو

اِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۱۷﴾ وَاِنۡ تُكَذِّبُوۡا فَقَدۡ كَذَّبَ اُمَمٌ مِّنۡ قَبۡلِكُمۡ ؕ وَمَا

ويندو ﴿۱۷﴾ ۽ جيڪڏهن توهين (رسول الله ﷺ جن کي) ڪوڙو ڪريو ٿا ته پوءِ بيشڪ توهان کان اڳ ڪيترين امتن ڪوڙو

عَلَى الرَّسُوۡلِ اِلَّا الۡبَلٰغُ الۡمُبِيۡنُ ﴿۱۸﴾ اَوَلَمۡ يَرَوۡا كَيۡفَ يُبۡدِئُ اللّٰهُ

ڪيو آهي ۽ (اسان جي) پيغمبر تي رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ آهي ﴿۱۸﴾ ڇا نٿا ڏسن ته الله مخلوق کي ڪيئن شروع ۾ پيدا

الۡخَلۡقَ ثُمَّ يُعِيۡدُهٗ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيۡرٌ ﴿۱۹﴾ قُلۡ سِيۡرُوۡا فِى

فرمائي ٿو، پوءِ (قيامت جي ڏينهن ساڳيءَ طرح) ڪين وري پيدا ڪندو. بيشڪ اها ڳالهه الله تي آسان آهي ﴿۱۹﴾ (ڪين) فرماءِ

الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ بَدَاَ الْخَلْقَ ثُمَّ اللّٰهُ يُنْشِئُ النَّشْاَةَ

تہ زمين ۾ گھمي ڦري ڏسو تہ (خدا تعاليٰ) ڪيئن خلق جي شروعات ڪري ٿو. پوءِ (قيامت جي ڏينهن ڪين) الله پيهر

الْاٰخِرَةَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۚ﴿٢٠﴾ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ

پيدا ڪندو. بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ﴿٢٠﴾ جنهن کي گهري ٿو، عذاب ڪري ٿو

وَيَرْحَمُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَاِلَيْهِ تُقْلَبُوْنَ ﴿٢١﴾ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ

۽ جنهن تي گهري ٿو، رحم ڪري ٿو ۽ توهان کي ان ڏانهن ئي موٽايو ويندو ﴿٢١﴾ ۽ توهان (الله جل جلاله کي)

فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ ۡ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ

نہ زمين ۾ عاجز ڪندڙ آهيو ۽ نڪي آسمان ۾ (ان کي عاجز ڪرڻ وارا آهيو.) ۽ الله تعاليٰ کان سواءِ توهان جو نہ ڪو

وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿٢٢﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَلِقَآئِهٖۤ اُولٰٓئِكَ ع ٢ ٩ ١٤

دوست آهي ۽ نہ ڪو مددگار آهي ﴿٢٢﴾ ۽ جن ماڻهن الله جي آيتن ۽ سندس ملاقات جو انڪار ڪيو، اهي ئي

يَئِسُوْا مِنْ رَّحْمَتِيْ وَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٣﴾ فَمَا كَانَ

منهنجي رحمت کان نااميد ٿيندا آهن ۽ سندن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿٢٣﴾ پوءِ سندس قوم (انهيءَ دعوت الي الله جي)

جَوَابَ قَوْمِهٖۤ اِلَّآ اَنْ قَالُوا اقْتُلُوْهُ اَوْ حَرِّقُوْهُ فَاَنْجٰىهُ اللّٰهُ

جواب ۾ چيو تہ کيس قتل ڪريو، يا کيس ساڙي ڇڏيو، پوءِ الله کيس باهہ کان بچايو. بيشڪ انهيءَ (يعني ابراهيم عليه السلام

مِنَ النَّارِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٢٤﴾ وَقَالَ اِنَّمَا

جي نجات جي قصي) ۾ نشانيون آهن، انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا ﴿٢٤﴾ ۽ (ابراهيم عليه السلام) چيو تہ

اتَّخَذْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْثَانًا ۙ مَّوَدَّةَ بَيْنِكُمْ فِي الْحَيٰوةِ

توهان الله تعاليٰ کي ڇڏي، رڳو دنيا جي زندگيءَ ۾ ڪجهہ بتن جي پوڄا کي هڪ ٻئي سان دوستيءَ

الدُّنْيَا ج ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُ بَعْضُكُمْ بِبَعْضٍ وَّيَلْعَنُ

(۽ قرب) جو ذريعو بڻايو آهي. پوءِ قيامت جي ڏينهن توهان هڪ ٻئي جو انڪار ڪندا

بَعْضُكُمْ بَعْضًا ز وَّمَاْوٰىكُمُ النَّارُ وَمَا لَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ٢٥ قلے

۽ هڪ ٻئي تي لعنت ملامت ڪندا ۽ توهان جو ٽڪاڻو دوزخ آهي ۽ توهان جو ڪو بہ مددگار نہ آهي ٢٥

وقف لازم

فَاٰمَنَ لَهٗ لُوْطٌ م وَقَالَ اِنِّيْ مُهَاجِرٌ اِلٰى رَبِّيْ ط اِنَّهٗ هُوَ

پوءِ مٿس لوط ايمان آندو ۽ چيائين تہ بيشڪ آءٌ الله ڏانهن هجرت ڪندڙ آهيان (يعني ڪوفي جي پسگردائي مان ملڪ

الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ٢٦ وَوَهَبْنَا لَهٗ اِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَجَعَلْنَا

شام آيو ۽ هجرت ڪندڙ پاڻ اوّلين شخص آهي.) بيشڪ الله غالب داناءُ آهي ٢٦ ۽ کيس اسحاق ۽ يعقوب عطا ڪيوسون ۽

فِيْ ذُرِّيَّتِهِ النُّبُوَّةَ وَالْكِتٰبَ وَاٰتَيْنٰهُ اَجْرَهٗ فِي الدُّنْيَا ج

سندس اولاد ڪي نبوت ۽ ڪتاب عطا ڪيوسون ۽ کيس دنيا ۾ ئي (ذڪر خير ۽ نيڪ اولاد جي صورت ۾) سندس اجر

وَاِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ٢٧ وَلُوْطًا اِذْ قَالَ

ڏنوسون ۽ بيشڪ اهو آخرت ۾ بہ صالح مردن مان آهي ٢٧ ۽ لوط (عليه السلام جو ذڪر ڪر.) جڏهن پنهنجي قوم کي

لِقَوْمِهٖٓ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ ز مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ

چيائين تہ تحقيق توهان بيحيائي (يعني لواطت جو ڪم) ڪريو ٿا. توهان کان اڳ دنيا وارن مان ڪنهن بہ

اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ٢٨ اَئِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ وَتَقْطَعُوْنَ

اهو ڪم نہ ڪيو آهي ٢٨ ڇا (شهوت پوري ڪرڻ لاءِ) مردن وٽ اچو ٿا ۽ رستن تي ڦر مار ڪريو ٿا ۽ پنهنجين

السَّبِيْلَ ۵ لا وَتَاْتُوْنَ فِيْ نَادِيْكُمُ الْمُنْكَرَ ط فَمَا كَانَ جَوَابَ

مجلسن ۾ ڪلم ڪلا (لواطت جا) بڇڙا ڪم ڪريو ٿا. پوءِ سندس قوم جو جواب رڳو اهو هو تہ اسان

قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوا ائْتِنَا بِعَذَابِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتَ مِنَ

تي الله جو عذاب آڻ، جيڪڏهن تون (انهيءَ دعويٰ ۾) سچو آهين (تہ اجهو توهان جي مٿان عذاب اچڻ وارو

الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٩﴾ قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ عَلَى الْقَوْمِ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٣٠﴾ ع ٨ ١٥

آهي) ﴿٢٩﴾ (لوط عليه السلام) چيو تہ ربّ منهنجا ! فسادي قوم جي مقابلي ۾ منهنجي مدد ڪر (۽ ڪين هلاڪ ڪر.) ﴿٣٠﴾

وَلَمَّا جَآءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰىۙ قَالُوْٓا اِنَّا مُهْلِكُوْٓا

۽ جڏهن اسان جي موڪليل (فرشتن) ابراهيم (عليه السلام) کي (پٽ پيدا ٿيڻ جي) خوشخبري ڏني (۽ ڪيس) چيائون تہ

اَهْلِ هٰذِهِ الْقَرْيَةِۚ اِنَّ اَهْلَهَا كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿٣١﴾ قَالَ اِنَّ

بيشڪ اسين هن ڳوٺ کي هلاڪ ڪرڻ وارا آهيون. بيشڪ اتان جا رهاڪو وڏا ظالم آهن ﴿٣١﴾ (ابراهيم عليه السلام) چيو تہ بيشڪ

فِيْهَا لُوْطًا ۗ قَالُوْا نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَنْ فِيْهَا ۫ لَنُنَجِّيَنَّهٗ وَاَهْلَهٗٓ

اتي تہ لوط بہ آهي. انهن چيو تہ اسان کي وڌيڪ ڄاڻ آهي تہ اتي ڪير ڪير آهي. ضرور ڪيس ۽ سندس گهر وارن کي

اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۫ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٣٢﴾ وَلَمَّآ اَنْ جَآءَتْ

نجات ڏينداسون، سواءِ سندس زال جي، جيڪا پوئتي رهندڙن مان آهي ﴿٣٢﴾ ۽ جڏهن اسان جا موڪليل (فرشتا سهڻن

رُسُلُنَا لُوْطًا سِيْٓءَ بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَّقَالُوْا لَا

ڇوڪرن جي صورت ۾) لوط وٽ آيا تہ سندن (اچڻ جي ڪري) رنج ٿيو (تہ متان هيءَ بدڪار قوم ساڻن لواطت ڪري) ۽

تَخَفْ وَلَا تَحْزَنْ ۫ اِنَّا مُنَجُّوْكَ وَاَهْلَكَ اِلَّا امْرَاَتَكَ كَانَتْ

انهن جي ڪري سندس سينو تنگ ٿيو ۽ (ڪيس فرشتن) چيو تہ خوف نہ ڪر ۽ غمگين نہ ٿيءُ (اسان تنهنجي ربّ جا فرشتا
آهيون.) بيشڪ اسين توکي ۽ تنهنجن گهر وارن کي نجات ڏيندڙ آهيون، سواءِ تنهنجي گهر واريءَ جي جيڪا پوئتي

مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٣٣﴾ اِنَّا مُنْزِلُوْنَ عَلٰٓى اَهْلِ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ

رهندڙن مان آهي ﴿٣٣﴾ بيشڪ اسان هن ڳوٺ وارن تي سندن بڇڙن ڪرتوتن جي شامت جي ڪري آسمان

رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَلَقَدْ تَّرَكْنَا مِنْهَآ

تان هڪ عذاب لاهڻ وارا آهيون ﴿٣٤﴾ ۽ بيشڪ اسان هن (ڳوٺ) کي (عبرتناڪ ۽) روشن نشاني ڪري ڇڏيو، انهن

اٰيَةًۢ بَيِّنَةً لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ۙ

ماڻهن لاءِ جيڪي عقل کان ڪم وٺن ٿا ﴿٣٥﴾ ۽ مدين وارن ڏانهن سندن (نسبي) ڀاءُ شعيب کي موڪليوسون.

فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَارْجُوا الْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَلَا تَعْثَوْا فِي

پوءِ انهيءَ چيو ته اي منهنجي قوم! هڪ الله جي عبادت ڪريو ۽ آخرت جي ڏينهن کان ڊڄو ۽ زمين ۾

الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿٣٦﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا

فسادي ٿي نه ڦرو ﴿٣٦﴾ پر ڪيس ڪوڙو ڪيائون. پوءِ ڪين (زوردار) زلزلي اچي پڪڙيو، پوءِ پنهنجن گهرن ۾

فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٣٧﴾ وَعَادًا وَّثَمُوْدَا۠ وَقَدْ تَّبَيَّنَ لَكُمْ مِّنْ

ڪرونڊڙا ٿي مري ويا ﴿٣٧﴾ ۽ عاد ۽ ثمود کي (هلاڪ ڪيوسون) ۽ سندن وسنديون توهان جي اڳيان آهن ۽ شيطان سندن

مَّسٰكِنِهِمْ ۣ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ

لاءِ سندن (ناپاڪ) ڪمن کي سينگاري پيش ڪيو، پوءِ ڪين (سڌيءَ) واٽ کان روڪيائين ۽ اهي چٽين اکين وارا (چالاڪ)

السَّبِيْلِ وَكَانُوْا مُسْتَبْصِرِيْنَ ﴿٣٨﴾ وَقَارُوْنَ وَفِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ ۣ

هئا (يعني سندن دعويٰ هئي ته عقلمند آهيون، يا ٺٺول وچان ائين فرمايو ويو) ﴿٣٨﴾ ۽ قارون ۽ فرعون ۽ هامان (کي هلاڪ

وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مُّوْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ فَاسْتَكْبَرُوْا فِي الْاَرْضِ وَمَا

ڪيوسون) ۽ بيشڪ وٽن موسيٰ (عليه السلام) روشن نشانيون آنديون، پر زمين ۾ وڏائي ڪيائون ۽ اهي (اسان جي عذاب

كَانُوْا سٰبِقِيْنَ ﴿٣٩﴾ فَكُلًّا اَخَذْنَا بِذَنْۢبِهٖ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ اَرْسَلْنَا

کان ڀڄندڙ ۽) ڀڄندڙ نه هئا ﴿٣٩﴾ پوءِ اسان (ڪافرن مان) هر هڪ کي سندن گناهه جي سزا ۾ پڪڙيو. پوءِ انهن مان

عَلَيْهِ حَاصِبًا ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ اَخَذَتْهُ الصَّيْحَةُ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ
ڪنهن تي پٿرن جو مينهن وسايوسون (جهڙوڪ قومِ لوط عليه السلام) ۽ انهن مان ڪنهن کي ڪڙڪي پڪڙيو (جهڙوڪ قومِ
خَسَفْنَا بِهِ الْاَرْضَ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ اَغْرَقْنَا ۚ وَمَا كَانَ اللّٰهُ
صالح عليه السلام) ۽ انهن مان ڪنهن کي ڌرتيءَ ۾ ڳهائي ڇڏيوسون (جهڙوڪ قارون) ۽ انهن مان ڪنهن کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي
لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٤٠﴾ مَثَلُ الَّذِيْنَ
ڇڏيوسون (جهڙوڪ قومِ نوح عليه السلام) ۽ مٿن الله ظلم نه ڪيو، پر اهي پاڻ تي پاڻ ظلم ڪندا هئا ﴿٤٠﴾ جن ماڻهن الله کي
اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ كَمَثَلِ الْعَنْكَبُوْتِ ۚ اِتَّخَذَتْ
ڇڏي پنهنجي لاءِ معبود ٺهرايا آهن، انهن جو مثال ڪوريئڙي جي مثال وانگر آهي، جيڪو پنهنجي لاءِ گهر
بَيْتًا ۭ وَاِنَّ اَوْهَنَ الْبُيُوْتِ لَبَيْتُ الْعَنْكَبُوْتِ ۘ لَوْ كَانُوْا وقف لازم
ٺاهيندو آهي ۽ بيشڪ سڀ کان ڪمزور گهر ڪوريئڙي جو ئي آهي، جيڪڏهن اهي ڄاڻن ها (ته غير الله
يَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ
جي پوڄا نه ڪن ها.) ﴿٤١﴾ الله کان سواءِ جنهن به شيءِ کي اهي سڏي رهيا آهن، تنهن کي الله ڄاڻي ٿو ۽ اهو ئي
شَيْءٍ ۭ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٤٢﴾ وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا
غالب، حڪمت وارو آهي ﴿٤٢﴾ ۽ اهي مثال ماڻهن جي لاءِ بيان ڪريون ٿا ۽ انهن (مثالن مان فائدو) رڳو
لِلنَّاسِ ۚ وَمَا يَعْقِلُهَآ اِلَّا الْعٰلِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ
علم وارا ماڻهو ئي وٺندا آهن ﴿٤٣﴾ الله تعاليٰ، حقّ سان آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي. بيشڪ
وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٤﴾ ع ٤
انهيءَ (تخليق ڪائنات) ۾ ايمان وارن جي لاءِ هڪ نشاني آهي ﴿٤٤﴾

اُتْلُ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنَ الْكِتٰبِ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ ؕ اِنَّ الصَّلٰوةَ

(اي محمد ﷺ!) جيڪو ڪتاب توڏانهن وحي ڪجي ٿو، ان کي پڙهه ۽ نماز قائم ڪر. بيشڪ نماز بيحيائيءَ ۽ برائيءَ کان روڪي

تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ ؕ وَلَذِكْرُ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا

ٿي (يعني جنهن جي نماز برائين کان نه روڪي، اها نماز، نماز نه آهي) ۽ الله جي ياد رکڻ يقينًا سڀ کان وڏو ڪم آهي ۽ جيڪي

تَصْنَعُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَلَا تُجَادِلُوْٓا اَهْلَ الْكِتٰبِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ۖ

ڪم توهان ڪريو ٿا، انهن کي الله ڄاڻي ٿو ﴿٤٥﴾ ۽ ڪتاب وارن سان سهڻي نموني بحث مباحثو ڪريو. مگر انهن مان جن ظلم

اِلَّا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ وَقُوْلُوْٓا اٰمَنَّا بِالَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَ

ڪيو (انهن سان جنگ جوٽيو ۽ جزيو وٺو) ۽ چئو ته ايمان آندوسون، ان (ڪتاب) تي جيڪو اسان ڏانهن لاٿو ويو ۽ جيڪي

اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ وَاِلٰهُنَا وَاِلٰهُكُمْ وَاحِدٌ وَّنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَ

ڪتاب توهان ڏانهن لاٿا ويا ۽ اسان جو معبود ۽ توهان جو معبود هڪ (الله) آهي ۽ اسين سندس فرمانبردار آهيون ﴿٤٦﴾ ۽

كَذٰلِكَ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ

اهڙيءَ طرح (اي رسولن جا سردار ﷺ!) توڏانهن ڪتاب لاٿوسون. پوءِ (توکان اڳ) جن ماڻهن کي ڪتاب ڏنوسون، اهي

يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ۚ وَمِنْ هٰٓؤُلَآءِ مَنْ يُّؤْمِنُ بِهٖ ؕ وَمَا يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَآ

ان تي ايمان آڻين ٿا ۽ (جيڪي ماڻهو تنهنجي زماني ۾ آهن)، انهن مان به ڪي مٿس ايمان آڻين ٿا ۽ رڳو ڪافر ئي اسان جي
آيتن جو انڪار ڪندا آهن. (پوءِ جيڪو شخص قرآن جي هڪڙي حرف جو، يا ڪنهن هڪڙي پيغمبر جو به انڪاري آهي، دراصل

اِلَّا الْكٰفِرُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَمَا كُنْتَ تَتْلُوْا مِنْ قَبْلِهٖ مِنْ كِتٰبٍ وَّلَا تَخُطُّهٗ

اهو پڪو ڪافر آهي) ﴿٤٧﴾ ۽ هن (قرآن) کان اڳ تون نه ڪتاب پڙهندو هئين ۽ نه ساڄي هٿ سان ان کي لکندو

بِيَمِيْنِكَ اِذًا لَّارْتَابَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿٤٨﴾ بَلْ هُوَ اٰيٰتٌۢ بَيِّنٰتٌ فِيْ

هئين (يعني لکڻ پڙهڻ ڄاڻين ها ته پوءِ يقيناً) باطل پرستن کي شڪ ٿئي ها ﴿٤٨﴾ بلڪ اهو (يعني حضرت محمد ﷺ)

صُدُوْرِ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ ؕ وَمَا يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَآ اِلَّا الظّٰلِمُوْنَ ﴿٤٩﴾ وَ

روشن آيتن وارو (پيغمبر) آهي، جيڪي انهن ماڻهن جي سينن ۾ محفوظ آهن، جن کي علم ڏنو ويو آهي (يعني ڪتاب وارا. يا قرآن
روشن آيتن وارو ڪتاب آهي، جنهن کي ٻين آسماني ڪتابن جي پيٽ ۾ ماڻهن جا سينا ياد رکن ٿا) ۽ رڳو ظالم ئي اسان جي آيتن جو

قَالُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيٰتٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قُلْ اِنَّمَا الْاٰيٰتُ عِنْدَ

انڪار ڪن ٿا ﴿٤٩﴾ ۽ (مڪي جي مشرڪن) چيو ته (محمد ﷺ) تي سندس ربّ جي طرفان (صالح عليه السلام جي ڏاچي، موسيٰ عليه السلام جي لٺ
۽ عيسيٰ عليه السلام جي دسترخوان وانگر) نشانيون ڇو نٿيون لاٿيون وڃن؟ فرماءِ ته نشانيون الله وٽ آهن، (اهو گهري ته لاهي) ۽

اللّٰهِ ؕ وَاِنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٥٠﴾ اَوَلَمْ يَكْفِهِمْ اَنَّآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ

اهي منهنجي هٿ ۾ نه آهن) ۽ آءٌ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان ﴿٥٠﴾ ڇا سندن لاءِ اها ڳالهه ڪافي نه آهي ته اسان توتي

الْكِتٰبَ يُتْلٰى عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَرَحْمَةً وَّذِكْرٰى لِقَوْمٍ

ڪتاب لاٿو، جيڪو انهن جي مٿان پڙهيو وڃي ٿو. بيشڪ انهيءَ ۾ انهن ماڻهن لاءِ رحمت ۽ نصيحت آهي، جيڪي

ع ٥/٧ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٥١﴾ ع قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ شَهِيْدًا ۚ يَعْلَمُ مَا فِي

ايمان آڻين ٿا ﴿٥١﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته منهنجي وچ ۾ ۽ توهان جي وچ ۾ الله نگران ڪافي آهي. اهو ڄاڻي ٿو جيڪي

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْبَاطِلِ وَكَفَرُوْا بِاللّٰهِ ۙ

ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪجهه زمين ۾ آهي ۽ جن ماڻهن باطل تي ايمان آندو ۽ الله جو ڪفر ڪيائون، اهي ئي

اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَيَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ ؕ وَلَوْلَآ

سڀ کان وڌيڪ نقصان وارا آهن ﴿٥٢﴾ (ڪافر) توکان عذاب جي باري ۾ جلدي ڪن ٿا ۽ جيڪڏهن (قيامت، يا موت

اَجَلٌ مُّسَمًّى لَّجَآءَهُمُ الْعَذَابُ ؕ وَلَيَاْتِيَنَّهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا

يا جنگ بدر جو) وقت مقرر نه هجي ها ته ضرور مٿن عذاب الٰهي اچي ها ۽ ضرور مٿن (عذاب) اوچتو ايندو ۽ کين خبر به

يَشْعُرُوْنَ ﴿٥٣﴾ يَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ ؕ وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌ ۢ

نه پوندي ﴿٥٣﴾ (اي نبي سڳورا ﷺ!) اهي توکان تڪڙي عذاب جي گهر ڪن ٿا ۽ بيشڪ جهنم ڪافرن کي گهيري ۾ ورتو

بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٤﴾ يَوْمَ يَغْشٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ فَوْقِهِمْ وَمِنْ تَحْتِ

آهي ﴿٥٤﴾ ان ڏينهن عذاب سندن مٿان ۽ سندن پيرن جي هيٺان کين وڪوڙي وٺندو ۽ (الله) کين فرمائيندو تہ پنهجن

اَرْجُلِهِمْ وَيَقُوْلُ ذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٥٥﴾ يٰعِبَادِيَ

ڪرتوتن (يعني رسولن جي تڪذيب ۽ نافرمانيءَ) جو مزو چکو ﴿٥٥﴾ اي منهنجا مؤمن ٻانهو! (جيڪي ڪافرن جي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ اَرْضِيْ وَاسِعَةٌ فَاِيَّايَ فَاعْبُدُوْنِ ﴿٥٦﴾ كُلُّ

دٻ کان ايمان لڪايو ٿا)، بيشڪ منهنجي زمين ڪشادي آهي، پوءِ (جتي هجو) منهنجي عبادت ڪريو ﴿٥٦﴾ هرهڪ

نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ثُمَّ اِلَيْنَا تُرْجَعُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

ساهواري ڪي موت جو مزو چکڻو آهي. پوءِ توهان کي اسان ڏانهن موٽڻو آهي ﴿٥٧﴾ ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُبَوِّئَنَّهُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ غُرَفًا تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا

ڪيا ٿون، تن کي ضرور جنت جون (موتين جهڙيون) ماڙيون عطا ڪنداسون، جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. اهي

الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ نِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ ﴿٥٨﴾ الَّذِيْنَ

منجهن سدائين رهڻ وارا آهن. (چڱا) عمل ڪندڙن لاءِ ڏاڍو چڱو اجر آهي ﴿٥٨﴾ (يعني) جن ماڻهن (هجرت جي تڪليفن

صَبَرُوْا وَعَلٰي رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٥٩﴾ وَكَاَيِّنْ مِّنْ دَآبَّةٍ لَّا تَحْمِلُ

تي) صبر ڪيو ۽ اهي پنهنجي ربّ تي ڀروسو ڪن ٿا ﴿٥٩﴾ ۽ ڪيترا ساهوارا پنهنجي روزي نٿا ڪمائين. انهن کي ۽ توهان

رِزْقَهَا ڰ اَللّٰهُ يَرْزُقُهَا وَاِيَّاكُمْ ڮ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦٠﴾ وَلَىِٕنْ

کي بہ الله ئي روزي ڏئي ٿو (پوءِ روزي جو غم نہ ڪريو ۽ هجرت ڪريو) ۽ اهوئي ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿٦٠﴾ ۽ جيڪڏهن

سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ

انهن کان پڇندين تہ آسمانن ۽ زمين ۽ سج ۽ چنڊ کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي ؟ ضرور چوندا تہ الله! پوءِ (ان ميتا جي

لَيَقُوۡلُنَّ اللّٰهُ ۚ فَاَنّٰى يُؤۡفَكُوۡنَ ﴿٦١﴾ اَللّٰهُ يَبۡسُطُ الرِّزۡقَ لِمَنۡ يَّشَآءُ

باوجود الله جي فرمانبرداري ۽ توحيد کان) ڪيڏانهن ڦيرايا وڃن ٿا ﴿٦١﴾ الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن جي گهري تنهن جي

مِنۡ عِبَادِهٖ وَيَقۡدِرُ لَهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ﴿٦٢﴾ وَلَئِنۡ

روزي ڪشادي ڪري ٿو ۽ (جنهن جي گهري ٿو روزي) تنگ ڪري ٿو. بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ﴿٦٢﴾ ۽ جيڪڏهن

سَاَلۡتَهُمۡ مَّنۡ نَّزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحۡيَا بِهِ الۡاَرۡضَ مِنۡۢ بَعۡدِ

انهن کان پڇندين ته ڪير آسمان تان پاڻي لاهي، ان سان ويران زمين کي آباد ڪري ٿو؟ ضرور چوندا ته الله!

مَوۡتِهَا لَيَقُوۡلُنَّ اللّٰهُ ؕ قُلِ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ ؕ بَلۡ اَكۡثَرُهُمۡ لَا

(اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته سڀ ساراهه الله لاءِ آهي، بلڪ انهن مان گهڻا ماڻهو عقل کان ڪم نٿا وٺن (جو حق ۽ باطل

يَعۡقِلُوۡنَ ﴿٦٣﴾ ع وَمَا هٰذِهِ الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَاۤ اِلَّا لَهۡوٌ وَّلَعِبٌ ؕ وَاِنَّ

جي سڃاڻپ ڪري سگهن) ﴿٦٣﴾ ۽ دنيا جي هيءَ حياتي رڳو راند روند ۽ تماشو آهي ۽ بيشڪ آخرت ئي

الدَّارَ الۡاٰخِرَةَ لَهِىَ الۡحَيَوَانُ ۘ لَوۡ كَانُوۡا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٦٤﴾ فَاِذَا رَكِبُوۡا

سدائين رهندڙ گهر آهي، جيڪر اهي ڄاڻن ها ﴿٦٤﴾ پوءِ جڏهن (ڪافر) ٻيڙيءَ ۾ چڙهندا آهن (۽ ٻڏڻ جو خوف

فِى الۡفُلۡكِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخۡلِصِيۡنَ لَهُ الدِّيۡنَ ۚ فَلَمَّا نَجّٰهُمۡ

ٿيندو اٿن) ته الله لاءِ پنهنجي دين کي خالص ڪندي کيس سڏيندا آهن. پوءِ جڏهن کين سُکَ ڏانهن نجات ڏيندو

اِلَى الۡبَرِّ اِذَا هُمۡ يُشۡرِكُوۡنَ ﴿٦٥﴾ لِيَكۡفُرُوۡا بِمَاۤ اٰتَيۡنٰهُمۡ ۚ

آهي ته اُنهيءَ وقت شرڪ ڪندا آهن ﴿٦٥﴾ جيئن اسان جي ڏنل (نعمتن) جي ناقدري ڪن. ۽ پلي فائدو وٺن. پوءِ

وَلِيَتَمَتَّعُوۡا ۚ وقفة فَسَوۡفَ يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٦٦﴾ اَوَلَمۡ يَرَوۡا اَنَّا جَعَلۡنَا حَرَمًا

سگهوئي (حقيقت کي) ڄاڻندا ﴿٦٦﴾ يا اهي نٿا ڏسن ته کين (فتني ۽ فساد کان پاڪ) پُرامن حرم ڏنوسون ۽ سندن

اٰمِنًا وَّ یُتَخَطَّفُ النَّاسُ مِنْ حَوْلِهِمْ ؕ اَفَبِالْبَاطِلِ یُؤْمِنُوْنَ وَ

چوڌاري ماڻهو (خونريزي ۽ لٽ مار جي ذريعي) جهٽيا وڃن ٿا. ڇا پوءِ باطل (۽ بتن) تي ايمان آڻين ٿا ۽ الله جي نعمت

بِنِعْمَةِ اللّٰهِ یَكْفُرُوْنَ ﴿۶۷﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰی عَلَی اللّٰهِ

(يعني حضرت محمد ﷺ ۽ قرآن) جو ڪفر ڪن ٿا ﴿۶۷﴾ ۽ ان ڪان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جيڪو الله تي ڪوڙو بهتان هڻي (جو

كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهٗ ؕ اَلَیْسَ فِیْ جَهَنَّمَ مَثْوًی

الله ڏانهن شرڪ يا اولاد نهرائڻ جي نسبت ڪري) يا حقّ (يعني محمد ﷺ ۽ قرآن) جي اچڻ ڪان پوءِ ان کي ڪوڙو ڪري. ڇا

لِّلْكٰفِرِیْنَ ﴿۶۸﴾ وَالَّذِیْنَ جَاهَدُوْا فِیْنَا لَنَهْدِیَنَّهُمْ سُبُلَنَا ؕ وَاِنَّ

جهنم ڪافرن جي جاءِ نہ آهي ﴿۶۸﴾ ۽ جيڪي ماڻهن (دين جي دشمنن جي خلاف) جهاد ڪن ٿا، تن کي ضرور پنهنجا رستا (يعني

شهادت ۽ معرفت) ڏيکاريندا سون (يا جيڪي اسان جي اطاعت ۾ ڪوشش ڪن ٿا، تن کي ضرور هدايت ۾ وڌائيندا سون) ۽

اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِیْنَ ﴿۶۹﴾ ع

بيشڪ الله نيڪي ڪندڙن سان گڏ آهي ﴿۶۹﴾

اٰیَاتُهَا ۶۰ (۳۰) سُوْرَةُ الرُّوْمِ مَكِّیَّةٌ (۸۴) رُكُوْعَاتُهَا ۶

سورة الروم مڪي آهي، هن ۾ سٺ آيتون ۽ ڇهہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

عظيم خدا جي نالي وٺڻ جو شرف حاصل ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

الٓمّٓ ﴿۱﴾ غُلِبَتِ الرُّوْمُ ﴿۲﴾ فِیْۤ اَدْنَی الْاَرْضِ وَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ غَلَبِهِمْ

الٓمّٓ آءُ ئي خدا آهيان جو سڀ ڪجهہ ڄاڻان ٿو ﴿۱﴾ (فارس جا مجوسي، ڪتاب وارن) رومين (جي لشڪر) تي غالب

اچي ويا ﴿۲﴾ ويجهڙي سرزمين (يعني ملڪ شام) ۾ ۽ اهي (رومي) پنهنجي هارَ ڪان پوءِ سگهوئي (فارس جي لشڪر

سَیَغْلِبُوْنَ ﴿۳﴾ فِیْ بِضْعِ سِنِیْنَ ؕ۬ لِلّٰهِ الْاَمْرُ مِنْ قَبْلُ وَمِنْۢ

تي) غالب ٿي ويندا ﴿۳﴾ ڪجهہ سالن (يعني ٽن ڪان نون سالن) جي اندر. (هن ڪان) اڳ ۽ پوءِ بہ الله جو ئي حڪم

بَعْدُ ط وَيَوْمَئِذٍ يَّفْرَحُ الْمُؤْمِنُوْنَ ۙ ﴿۴﴾ بِنَصْرِ اللّٰهِ ط يَنْصُرُ مَنْ

آهي ۽ انهيءَ ڏينهن ايمان وارا بہ خوش ٿيندا ﴿۴﴾ الله جي مدد حاصل ٿيڻ جي ڪري. الله جنهن جي گهري ٿو

يَّشَآءُ ط وَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۙ ﴿۵﴾ وَعْدَ اللّٰهِ ط لَا يُخْلِفُ اللّٰهُ وَعْدَهٗ

مدد ڪري ٿو ۽ اهوئي غالب، مهربان آهي ﴿۵﴾ (اهو) الله جو وعدو آهي ۽ الله پنهنجي وعدي جي خلاف نہ

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۶﴾ يَعْلَمُوْنَ ظَاهِرًا مِّنَ الْحَيٰوةِ

ڪندو آهي ۽ پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن ﴿۶﴾ اهي دنيا جي ظاهري زندگيءَ کي ڄاڻن ٿا ۽ اهي آخرت کان

الدُّنْيَا ۚ وَهُمْ عَنِ الْاٰخِرَةِ هُمْ غٰفِلُوْنَ ﴿۷﴾ اَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوْا فِيْٓ

(بلڪل) غافل آهن ﴿۷﴾ ڇا پنهنجن نفسن ۾ سوچ ويچار نٿا ڪن ؟ آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي انهن ٻنهي

اَنْفُسِهِمْ قف مَا خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا

جي وچ ۾ آهي، تن کي الله تعاليٰ حقّ سان ۽ هڪ مقرر مدت (يعني قيامت) تائين پيدا فرمايو

بِالْحَقِّ وَاَجَلٍ مُّسَمًّى ط وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ بِلِقَآئِ رَبِّهِمْ

آهي ۽ بيشڪ ماڻهن مان گهڻا پنهنجي پالڻهار پاڪ جي (طرفان جزا ۽ سزا جي) ملڻ جا انڪاري

لَكٰفِرُوْنَ ﴿۸﴾ اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ

آهن ﴿۸﴾ ڇا اهي (مڪي وارا) زمين ۾ گهمي ڦري نٿا ڏسن تہ جيڪي ماڻهو انهن کان اڳ هئا، تن جي

عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ط كَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَّاَثَارُوا

پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ اهي انهن (مڪي وارن) کان وڌيڪ سگهارا هئا ۽ انهن مڪي وارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ

الْاَرْضَ وَعَمَرُوْهَآ اَكْثَرَ مِمَّا عَمَرُوْهَا وَجَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ

(زرعي) زمينون آباد ڪيون ۽ انهن کان وڌيڪ اڏاوتون اڏيائون. انهن وٽ اسان جي رسولن پڌريون

بِالْبَیِّنٰتِ ؕ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِیَظْلِمَهُمْ وَ لٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ

نشانيون آنديون (پوءِ انهن کي ڪوڙو ڪيائون ۽ هلاڪ ڪيا ويا.) پوءِ الله جو شان اهو نہ آهي تہ مٿن ظلم ڪري

یَظْلِمُوْنَ ؕ ﴿٩﴾ ثُمَّ كَانَ عَاقِبَةَ الَّذِیْنَ اَسَآءُوا السُّوْٓاٰۤی اَنْ كَذَّبُوْا

پر اهي پاڻ تي پاڻ ظلم ڪندا هئا ﴿٩﴾ پوءِ برائي (۽ شرڪ) ڪندڙن جي پڇاڙي ڏاڍي بڇڙي ٿي، جو انهن الله

بِاٰیٰتِ اللّٰهِ وَ كَانُوْا بِهَا یَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿١٠﴾ ع اَللّٰهُ یَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ

جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو ۽ انهن سان ٺٺوليون ڪندا هئا ﴿١٠﴾ الله خلق جي شروعات ڪري ٿو، پوءِ ان کي ٻيهر بہ

یُعِیْدُهٗ ثُمَّ اِلَیْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿١١﴾ وَ یَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ یُبْلِسُ

پيدا ڪندو، پوءِ انهيءَ ڏانهن ئي توهان کي موٽايو ويندو ﴿١١﴾ ۽ (جنهن) ڏينهن قيامت قائم ٿيندي، ڏوهاري نااميد ٿيندا

الْمُجْرِمُوْنَ ﴿١٢﴾ وَ لَمْ یَكُنْ لَّهُمْ مِّنْ شُرَكَآىٕهِمْ شُفَعٰٓؤُا وَ كَانُوْا

﴿١٢﴾ ۽ (جنهن) ڏينهن قيامت قائم ٿيندي، ...

(۽ خاموش ويهي رهندا.) ﴿١٢﴾ سندن لاءِ سندن شريڪن (۽ بتن) مان ڪو سفارش ڪندڙ نہ هوندو ۽ اهي پنهنجن شريڪن

بِشُرَكَآىٕهِمْ كٰفِرِیْنَ ﴿١٣﴾ وَ یَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ یَوْمَىٕذٍ یَّتَفَرَّقُوْنَ ﴿١٤﴾

جا ئي انڪاري ٿيندا ﴿١٣﴾ ۽ (جنهن) ڏينهن قيامت قائم ٿيندي، ان ڏينهن (ڪافر ۽ مؤمن) جدا ٿي ويندا ﴿١٤﴾

فَاَمَّا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَهُمْ فِیْ رَوْضَةٍ

پوءِ باقي رهيا اهي ماڻهو، جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تہ اهي (بهشت جي) باغن ۾ خوشحال زندگي

یُّحْبَرُوْنَ ﴿١٥﴾ وَ اَمَّا الَّذِیْنَ كَفَرُوْا وَ كَذَّبُوْا بِاٰیٰتِنَا وَ لِقَآئِ الْاٰخِرَةِ

گذاريندا ﴿١٥﴾ ۽ جن ماڻهن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ آخرت جي ملاقات کي ڪوڙو ڪيائون، سي عذاب ۾ حاضر

فَاُولٰٓىٕكَ فِی الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ ﴿١٦﴾ فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ حِیْنَ تُمْسُوْنَ

ڪيل هوندا ﴿١٦﴾ پوءِ الله جي ساراهہ (ڪريو) جنهن وقت توهان شام ڪريو ٿا (يعني عصر ۽ مغرب جي نماز پڙهو ٿا) ۽

وَحِيۡنَ تُصۡبِحُوۡنَ ﴿۱۷﴾ وَلَهُ الۡحَمۡدُ فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَ

جنهن وقت توهان صبح ڪريو ٿا (يعني فجر جي نماز پڙهو ٿا) ⑰ ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ سندس ئي ساراهه آهي ۽ جنهن

عَشِيًّا وَّحِيۡنَ تُظۡهِرُوۡنَ ﴿۱۸﴾ يُخۡرِجُ الۡحَىَّ مِنَ الۡمَيِّتِ وَيُخۡرِجُ

وقت توهان عشا ۽ ظهر (جي نماز پڙهو ٿا.) ⑱ (الله) مئي مان جيئري کي ڪڍي ٿو ۽ جيئري مان مئي کي ڪڍي ٿو ۽

الۡمَيِّتَ مِنَ الۡحَىِّ وَيُحۡىِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا ؕ وَكَذٰلِكَ

زمين جي مرڻ کان پوءِ ان کي جياري ٿو ۽ (اي خلق خدا!) ساڳيءَ طرح توهان کي به (قيامت جي ڏينهن قبرن مان)

تُخۡرَجُوۡنَ ﴿۱۹﴾ ع وَمِنۡ اٰيٰتِهٖۤ اَنۡ خَلَقَكُمۡ مِّنۡ تُرَابٍ ثُمَّ اِذَاۤ

جياريو ويندو ⑲ ۽ سندس (قدرت ۽ توحيد جي) هڪڙي نشاني هيءَ آهي ته توهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيائين، پوءِ

اَنۡتُمۡ بَشَرٌ تَنۡتَشِرُوۡنَ ﴿۲۰﴾ وَمِنۡ اٰيٰتِهٖۤ اَنۡ خَلَقَ لَكُمۡ مِّنۡ

(اي اولاد آدم!) ان وقت توهان انسان ٿي (هر هنڌ) پکڙجي وڃو ٿا ⑳ ۽ سندس (قدرت ۽ توحيد جي) هڪڙي نشاني

اَنۡفُسِكُمۡ اَزۡوَاجًا لِّتَسۡكُنُوۡۤا اِلَيۡهَا وَجَعَلَ بَيۡنَكُمۡ مَّوَدَّةً وَّرَحۡمَةً ؕ

هيءَ آهي ته توهان جي جانين مان توهان لاءِ زالون پيدا ڪيائين ته جيئن انهن وٽ سڪون حاصل ڪريو ۽ توهان ۾

اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿۲۱﴾ وَمِنۡ اٰيٰتِهٖ خَلۡقُ

محبت ۽ رحمت وڌائين. بيشڪ انهيءَ ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي (خدا جي ڪاريگريءَ ۾) فڪر ڪن ٿا ㉑

السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَاخۡتِلَافُ اَلۡسِنَتِكُمۡ وَاَلۡوَانِكُمۡ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ

۽ سندس (قدرت ۽ توحيد جي) هڪڙي نشاني آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ ۽ توهان جي ٻولين ۽ توهان جي رنگن جو
اختلاف آهي (جو هڪ پيءُ ۽ هڪڙي ماءُ جو اولاد آهيو، تڏهن به هڪجهڙا نه آهيو) بيشڪ انهيءَ ۾ جهانن وارن (خاص

لَاٰيٰتٍ لِّلۡعٰلِمِيۡنَ ﴿۲۲﴾ وَمِنۡ اٰيٰتِهٖ مَنَامُكُمۡ بِالَّيۡلِ وَالنَّهَارِ وَ

ڪري علم وارن) لاءِ نشانيون آهن ㉒ ۽ سندس نشانين مان رات ۾ توهان جو سمهڻ ۽ ڏينهن ۾ الله جي فضل کي

ابْتِغَآؤُكُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَ

تلاش ڪرڻ آهي. بيشڪ ان ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي (هوش سان) ٻڌن ٿا (۽ عبرت حاصل ڪن ٿا) ﴿٢٣﴾ ۽

مِنْ اٰيٰتِهٖ يُرِيْكُمُ الْبَرْقَ خَوْفًا وَّ طَمَعًا وَّ يُنَزِّلُ مِنَ السَّمَآءِ

سندس (قدرت جي ڪمال جي) نشانين مان هيءَ به آهي ته توهان کي خوف ۽ اميد وچان وچ ڏيکاري ٿو ۽ آسمان مان

مَآءً فَيُحْيٖ بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ

پاڻي وسائي ٿو، پوءِ ان سان مئل زمين کي جياري ٿو. بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي عقل کان ڪم

يَّعْقِلُوْنَ ﴿٢٤﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖۤ اَنْ تَقُوْمَ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ بِاَمْرِهٖ ؕ ثُمَّ

وٺن ٿا ﴿٢٤﴾ ۽ سندس نشانين مان هيءَ به آهي ته آسمان ۽ زمين سندس حڪم سان قائم آهن. پوءِ جڏهن توهان کي (قيامت

اِذَا دَعَاكُمْ دَعْوَةً ۖۗ مِّنَ الْاَرْضِ ۖۗ اِذَآ اَنْتُمْ تَخْرُجُوْنَ ﴿٢٥﴾ وَلَهٗ

جي ڏينهن) هڪڙي پڪار ڪندو ته هڪدم توهان زمين (يعني قبرن) مان نڪري ايندا ﴿٢٥﴾ ۽ جيڪي به شيون آسمانن ۽ زمين

مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ ﴿٢٦﴾ وَهُوَ الَّذِيْ

۾ آهن، الله جون آهن. سڀ (حياتي، بقاء، مماتي ۽ نئين جياپي ۾) سندس فرمانبردار آهن ﴿٢٦﴾ ۽ الله ئي آهي، جيڪو

يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ وَهُوَ اَهْوَنُ عَلَيْهِ ؕ وَلَهُ الْمَثَلُ

خلق جي شروعات ڪري ٿو، پوءِ ان کي ورِي پيدا ڪندو ۽ اهو (ٻيهر جيارڻ) مٿس آسان آهي (۽ اها ئي سندس توحيد

الْاَعْلٰى فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢٧﴾ ع ضَرَبَ ع ٣ ٨ ٤

جي نشاني آهي.) آسمانن ۽ زمين ۾ سندس ئي اعليٰ شان آهي ۽ اهو غالب، حڪمت وارو آهي ﴿٢٧﴾ (الله) توهان لاءِ

لَكُمْ مَّثَلًا مِّنْ اَنْفُسِكُمْ ؕ هَلْ لَّكُمْ مِّنْ مَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ

توهان جي نفسن مان هڪڙو مثال بيان ڪري ٿو. جيڪا روزي اسان توهان کي ڏني آهي، ڇا ان ۾ توهان جا ٻانها ۽

مِّنۡ شُرَكَآءَ فِىۡ مَا رَزَقۡنٰكُمۡ فَاَنۡتُمۡ فِيۡهِ سَوَآءٌ تَخَافُوۡنَهُمۡ

ٻانهيون پاڳي ڀائيوار آهن، پوءِ توهان (۽ اهي) انهيءَ (مال ملڪيت) ۾ برابر هجو (۽) انهن کان ائين

كَخِيۡفَتِكُمۡ اَنۡفُسَكُمۡ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ لِقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَ ۝٢٨

ڊڄو جيئن هڪ ٻئي کان (ميراث جي ورهاڱي وقت) ڊڄندا آهيو. اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن لاءِ پنهنجيون آيتون کولي بيان ڪريون ٿا، جيڪي عقل کان ڪم وٺن ٿا. (يعني جڏهن توهان پنهنجن ٻانهن کي پاڻ جهڙو نٿا سمجهو ته پوءِ ڀلا الله لاشريڪ له جي ٻانهن

بَلِ اتَّبَعَ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡۤا اَهۡوَآءَهُمۡ بِغَيۡرِ عِلۡمٍ ۚ فَمَنۡ يَّهۡدِىۡ

کي ان جو شريڪ ڪيئن ٿا سمجهو؟) ۝٢٨ بلڪ جن ماڻهن ظلم ڪيو، اهي بغير علم جي پنهنجين خواهشن جي پيروي ڪن ٿا.

مَنۡ اَضَلَّ اللّٰهُ ؕ وَمَا لَهُمۡ مِّنۡ نّٰصِرِيۡنَ ۝٢٩ فَاَقِمۡ وَجۡهَكَ

پوءِ جنهن کي الله گمراه ڪري، تنهن کي ڪير هدايت ڏيندو ۽ سندن لاءِ ڪو به مددگار نه آهي ۝٢٩ پوءِ (اي پيغمبر!) باطل کان

لِلدِّيۡنِ حَنِيۡفًا ؕ فِطۡرَتَ اللّٰهِ الَّتِىۡ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيۡهَا ؕ لَا

پنهنجو منهن موڙي، حقّ تي قائم رهه. اهائي (انساني) فطرت آهي، جنهن تي الله ماڻهن کي پيدا ڪيو آهي (ته ان کان سواءِ

تَبۡدِيۡلَ لِخَلۡقِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ الدِّيۡنُ الۡقَيِّمُ ۙ وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ

ڪو معبود نه آهي) الله جي خلقت (۽ تقدير) ۾ ڪا تبديلي نه آهي ۽ اهوئي سنئون سڌو دين

لَا يَعۡلَمُوۡنَ ۝٣٠ ۙ مُنِيۡبِيۡنَ اِلَيۡهِ وَاتَّقُوۡهُ وَاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَلَا تَكُوۡنُوۡا

آهي ۽ پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن ۝٣٠ الله ڏانهن ئي رجوع ڪريو ۽ ان کان ڊڄو ۽ نماز قائم ڪريو ۽ مشرڪن مان

مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ۝٣١ ۙ مِنَ الَّذِيۡنَ فَرَّقُوۡا دِيۡنَهُمۡ وَكَانُوۡا شِيَعًا ؕ كُلُّ

نه ٿيو ۝٣١ انهن (مشرڪن) مان جن پنهنجي دين کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو (پوءِ ڪي يهودي، ڪي عيسائي ۽ ڪي بدعتي ٿيا) ۽

حِزۡبٍۢ بِمَا لَدَيۡهِمۡ فَرِحُوۡنَ ۝٣٢ وَاِذَا مَسَّ النَّاسَ ضُرٌّ دَعَوۡا

ٽولا ٽولا ٿي ويا. هر هڪ ٽوليءَ وٽ جيڪي ڪجهه آهي، ان ۾ خوش آهن ۝٣٢ ۽ جڏهن ماڻهن کي (ڏڪار ۽) سختي پهچي ٿي ته

رَبَّهُمْ مُّنِيْبِيْنَ اِلَيْهِ ثُمَّ اِذَآ اَذَاقَهُمْ مِّنْهُ رَحْمَةً اِذَا

پنهنجي ربّ وٽ عاجزي ڪندي، ان کي سڏين ٿا. پوءِ جڏهن کين پنهنجي طرفان ڪا رحمت چکائي ٿو ته انهن مان

فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ؕ

هڪڙي ٽولي اتي جو اتي پنهنجي ربّ سان شرڪ ڪري ٿي ﴿٣٣﴾ جيئن اسان جي نعمتن جو انڪار ڪن. پوءِ مزا ماڻيو

فَتَمَتَّعُوْا وقفة فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٤﴾ اَمْ اَنْزَلْنَا عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا فَهُوَ

وٺو. جلد توهان کي معلوم ٿيندو (ته ڪير نقصان وارو آهي) ﴿٣٤﴾ يا اسان مٿن (ڪو ڪتاب ۽) ڪا حجت لاٿي آهي، جيڪا

يَتَكَلَّمُ بِمَا كَانُوْا بِهٖ يُشْرِكُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَاِذَآ اَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً

کين الله سان شرڪ ڪرڻ جي باري ۾ ٻڌائي ٿي ﴿٣٥﴾ ۽ جڏهن انسان کي پنهنجي مهربانيءَ جو مزو چکايون ٿا ته

فَرِحُوْا بِهَا ؕ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ ۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ اِذَا هُمْ

ان تي خوش ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن سندس ڪرتوتن جي ڪري (ڏڪار ۽) سختي پهچي ٿي ته ان وقت اهي نااميد

يَقْنَطُوْنَ ﴿٣٦﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ

ٿين ٿا ﴿٣٦﴾ ڇا نٿا ڏسن ته الله جنهن جي گهري ٿو، روزي ڪشادي ڪري ٿو (۽ جنهن جي گهري ٿو روزي) تنگ ڪري ٿو.

يَقْدِرُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٣٧﴾ فَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى

بيشڪ ان (خوشحاليءَ ۽ بدحاليءَ) ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي ايمان رکن ٿا ﴿٣٧﴾ پوءِ ويجهن

حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ ؕ ذٰلِكَ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ

مٽن مائٽن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن کي سندن حقّ ڏي. جيڪي ماڻهو الله جي رضا طلب ڪن ٿا، تن جي لاءِ اها (حقن جي
ادائيگي) چڱي ڳالهه آهي (ائين نه ٿئي جو ماڻهو رياڪاريءَ ۾خوشيءَ سان مال خرچ ڪري ۽ خدا جي نالي تي ڏيندي

وَجْهَ اللّٰهِ ز وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ رِّبًا لِّيَرْبُوَا۟

سندس ساهه نڪري) ۽ اهي ئي ماڻهو ڪامياب آهن ﴿٣٨﴾ ۽ جيڪو وياج توهان ڏيو ٿا ته جيئن ان سان (مالن ۾)

فِيْٓ اَمْوَالِ النَّاسِ فَلَا يَرْبُوْا عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ زَكٰوةٍ

واڌ اچي تہ اهو الله تعاليٰ وٽ نٿو وڌي ۽ جيڪا زڪوٰة توهان الله جي رضامندي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏيو ٿا

تُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُضْعِفُوْنَ ﴿٣٩﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ

تہ اهي ئي ماڻهو آهن، جن کي (اجر جي مٿان اجر) وڌائي ڏنو ويندو ﴿٣٩﴾ الله اهو آهي جنهن توهان کي

خَلَقَكُمْ ثُمَّ رَزَقَكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ؕ هَلْ مِنْ

پيدا ڪيو، پوءِ توهان کي روزي ڏنائين، پوءِ توهان کي ماريندو، پوءِ توهان کي جيئرو ڪندو. ڇا توهان

شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّفْعَلُ مِنْ ذٰلِكُمْ مِّنْ شَيْءٍ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى

جي شريڪن مان بہ ڪو آهي، جيڪو توهان جا اهي ڪم ڪري؟ جيڪو شرڪ اهي ڪن ٿا، تنهن کان الله پاڪ ۽

عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٤٠﴾ ع ظَهَرَ الْفَسَادُ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ ع ٤ ١٣ ٦

مٿانهون آهي ﴿٤٠﴾ بَرَ ۽ بحر ۾ ماڻهن جي ڪرتوتن جي ڪري فتنو ۽ فساد ظاهر ٿي چڪو، جيئن انهن کي

اَيْدِي النَّاسِ لِيُذِيْقَهُمْ بَعْضَ الَّذِيْ عَمِلُوْا لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٤١﴾

سندن (نافرمانين ۽ بڇڙن) ڪمن جي ڪجهہ سزا چکائي، مَنَ اهي (مغرور ماڻهو روڪيل ڪمن کان) موٽن ﴿٤١﴾

قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ

(اي مُحَمّدُ ﷺ!) فرماءِ تہ زمين ۾ گهمي ڦري ڏسو تہ جيڪي ماڻهو انهن کان اڳ هئا، تن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ (اهي

قَبْلُ ؕ كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّشْرِكِيْنَ ﴿٤٢﴾ فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ الْقَيِّمِ

توهان کان وڌيڪ سگهارا ۽ مالدار هئا) انهن مان گهڻا مشرڪ هئا ﴿٤٢﴾ پوءِ پنهنجو منهن سڌي دين (يعني اسلام) ڏانهن

مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ يَوْمَئِذٍ يَّصَّدَّعُوْنَ ﴿٤٣﴾

ڪري ان تي قائم رهہ، اڳ ان کان جو اهو ڏينهن اچي جڏهن الله (جي عذاب) کي ڪو ٽارڻ وارو نہ هوندو.

مَنۡ كَفَرَ فَعَلَيۡهِ كُفۡرُهٗ ۚ وَمَنۡ عَمِلَ صَالِحًا فَلِاَنۡفُسِهِمۡ

ان ڏينهن ماڻهن کي جدا جدا ڪري (جنتين کي جنت ۾ ۽ دوزخين کي دوزخ ۾) موڪليو ويندو ﴿۴۳﴾ جنهن ڪفر ڪيو تنهن جي ڪفر (جو وبال) مٿس آهي ۽ جنهن (ايمان آندو ۽) چڱو عمل ڪيائين ته اهي ماڻهو (قبر ۽ جنت ۾) پنهنجي لاءِ آرام جي جاءِ

يَمۡهَدُوۡنَ ﴿۴۴﴾ لِيَجۡزِيَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ

ناهين ٿا ﴿۴۴﴾ جيئن (الله) ايمان وارن ۽ چڱا ڪم ڪندڙن کي پنهنجي (عظيم) فضل مان ثواب ڏي. بيشڪ

اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۴۵﴾ وَمِنۡ اٰيٰتِهٖۤ اَنۡ يُّرۡسِلَ الرِّيَاحَ

اهو ڪافرن کي پسند نٿو ڪري ﴿۴۵﴾ ۽ سندس (توحيد ۽ قدرت جي ڪمال جي) هڪ نشاني هيءَ آهي ته خوشخبري

مُبَشِّرٰتٍ وَّلِيُذِيۡقَكُمۡ مِّنۡ رَّحۡمَتِهٖ وَلِتَجۡرِيَ الۡفُلۡكُ بِاَمۡرِهٖ وَ

ڏيندڙ هوائون موڪلي ٿو، جيئن توهان کي پنهنجي رحمت چکائي ۽ جيئن سندس حڪم سان ٻيڙيون هلن ۽ جيئن

لِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ وَلَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۴۶﴾ وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا

(واپار وسيلي) سندس فضل(يعني روزي) ڪمايو ۽ مَنَ توهان (سندس نعمتن جو) شڪر ڪريو ﴿۴۶﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!) بيشڪ
تو کان اڳ ڪيترن پيغمبرن کي سندن قومن ڏانهن موڪليوسون، جن وٽن روشن نشانيون آنديون. پوءِ جن ماڻهن گناه

مِنۡ قَبۡلِكَ رُسُلًا اِلٰى قَوۡمِهِمۡ فَجَآءُوۡهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ فَانۡتَقَمۡنَا

ڪيا (۽ انهن اسان جي ڪتابن ۽ رسولن کي ڪوڙو ڪيو)، انهن کان وير ورتوسون ۽ ايمان وارن جي مدد ڪرڻ (۽

مِنَ الَّذِيۡنَ اَجۡرَمُوۡا ؕ وَكَانَ حَقًّا عَلَيۡنَا نَصۡرُ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۴۷﴾ اَللّٰهُ

انهن کي عذاب کان بچائڻ) اسان تي حقّ (۽ لازم) آهي ﴿۴۷﴾ اهو الله ئي آهي، جيڪو هوائن کي موڪلي ٿو،

الَّذِيۡ يُرۡسِلُ الرِّيٰحَ فَتُثِيۡرُ سَحَابًا فَيَبۡسُطُهٗ فِي السَّمَآءِ

پوءِ اهي ڪڪرن کي هلائين ٿيون، پوءِ جيئن گهري ٿو، تيئن انهن کي آسمان ۾ پکيڙي ٿو ۽ انهن ڪڪرن کي هڪ ٻئي

كَيۡفَ يَشَآءُ وَيَجۡعَلُهٗ كِسَفًا فَتَرَى الۡوَدۡقَ يَخۡرُجُ مِنۡ خِلٰلِهٖ ۚ

جي مٿان ستيل ٽُڪرن ۾ ورهائي ٿو، پوءِ انهن جي وچ مان مينهن وسندي ڏسندو آهين. پوءِ جڏهن پنهنجن

فَاِذَآ اَصَابَ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖٓ اِذَا هُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿٤٨﴾ؐ وَ

پاڻهن مان جنهن تي گهرندو آهي (تن تي مينهن) وسائيندو آهي تہ ان وقت اهي خوشيون ڪندا آهن ﴿٤٨﴾ ۽

اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْهِمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمُبْلِسِيْنَ ﴿٤٩﴾

جيتوڻيڪ اهي ان کان اڳ ۾ پاڻ تي مينهن جي وسڻ کان ٻهريائين يقينًا نااميد هوندا آهن ﴿٤٩﴾

فَانْظُرْ اِلٰٓى اٰثٰرِ رَحْمَتِ اللّٰهِ كَيْفَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ

پوءِ الله جي رحمت جي نشانين (برسات وغيره) ڏانهن ڏس تہ زمين جي موت کان پوءِ ان کي ڪيئن جياري ٿو.

اِنَّ ذٰلِكَ لَمُحْيِ الْمَوْتٰى ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٥٠﴾ وَلَئِنْ اَرْسَلْنَا

بيشڪ اهو ئي مُئن کي زنده ڪندڙ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي وس وارو آهي ﴿٥٠﴾ ۽ جيڪڏهن ڪو واچوڙو

رِيْحًا فَرَاَوْهُ مُصْفَرًّا لَّظَلُّوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ يَكْفُرُوْنَ ﴿٥١﴾ فَاِنَّكَ لَا تُسْمِعُ

موڪليون، پوءِ پوڪ کي پيلو ڏسن تہ يقينًا ان کان بعد (ناشڪري ڪندي) ڪافر ٿيندا آهن ﴿٥١﴾ پوءِ (اي محمّد ﷺ!) بيشڪ تون

الْمَوْتٰى وَلَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ اِذَا وَلَّوْا مُدْبِرِيْنَ ﴿٥٢﴾ وَمَآ اَنْتَ

ٻهنجو سڏ نہ مُئن کي ٻڌائي سگهين ٿو ۽ نڪي ٻوڙن کي ٻڌائي سگهين ٿو ، جڏهن اهي پٺيرا ٿي منهن ڦيرائيندا

بِهٰدِ الْعُمْيِ عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ ؕ اِنْ تُسْمِعُ اِلَّا مَنْ يُّؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا

آهن ﴿٥٢﴾ ۽ نہ تي (اي محمّد ﷺ!) تون انڌن کي سندن گمراهيءَ مان ڪڍي هدايت جي واٽ ڏيکاري سگهين ٿو. تون تہ انهيءَ

کي ٻڌائي سگهين ٿو، جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان رکن ٿا ۽ اهي فرمانبردار بہ آهن ﴿٥٣﴾ الله اهو (قادر مطلق)

فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿٥٣﴾ؑ اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ ضَعْفٍ ثُمَّ جَعَلَ

آهي، جنهن توهان کي هيڻائيءَ مان پيدا ڪيو. پوءِ انهيءَ هيڻائي (۽ ننڍپڻ) کان بعد (توهان کي)

مِنْۢ بَعْدِ ضَعْفٍ قُوَّةً ثُمَّ جَعَلَ مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ ضَعْفًا وَّشَيْبَةً ؕ

ڦوت (يعني جواني) بخشيائين پوءِ ڦوت (۽ جوانيءَ) کان بعد توهان کي هيڻو ۽ پوڙهو ڪري ٿو. (الله)

يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ۚ وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْقَدِيْرُ ﴿٥٤﴾ وَيَوْمَ تَقُوْمُ

جيڪي ڪجھ گھري ٿو، سو خلقي ٿو ۽ اھو ئي علم وارو، قدرت وارو آھي ﴿٥٤﴾ ۽ جنھن ڏينھن قيامت قائم

السَّاعَةُ يُقْسِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ۙ ۵ مَا لَبِثُوْا غَيْرَ سَاعَةٍ ؕ كَذٰلِكَ

ٿيندي، ڏوھاري قسم کڻندا ته (دنيا يا قبر ۾) رڳو ھڪ گھڙي ترسيا آھن. اھڙيءَ طرح (دنيا ۾ به حق کان فريب

كَانُوْا يُؤْفَكُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ وَالْاِيْمَانَ لَقَدْ

سان) ڦيرايا ويندا ھئا ﴿٥٥﴾ ۽ (ڪافرن جي جواب ۾) جن کي علم ۽ ايمان ڏنو ويو آھي (يعني فرشتا، يا نبي يا مؤمن)،

لَبِثْتُمْ فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ اِلٰى يَوْمِ الْبَعْثِ ۫ فَهٰذَا يَوْمُ الْبَعْثِ وَلٰكِنَّكُمْ

اھي چوندا ته بيشڪ توھان الله جي ڪتاب (تقدير يا لوح محفوظ مطابق قبرن ۾) قيامت جي ڏينھن تائين رھيا آھيو.
اجھو ھيءُ اتوَ قيامت جو اھو ڏينھن ۽ پر (اي قيامت جا منڪرو! دنيا ۾) توھان نه ڄاڻندا ھئا (ته قيامت

كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٥٦﴾ فَيَوْمَئِذٍ لَّا يَنْفَعُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَعْذِرَتُهُمْ

ڪڏھن ايندي؟) ﴿٥٦﴾ پوءِ اڄوڪي ڏينھن ظالمن کي نه سندن معذرت ڪو فائدو ڏيندي ۽ نڪي انھن کان توبه

وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ

جي تقاضا ڪئي ويندي ﴿٥٧﴾ ۽ بيشڪ اسان ھن قرآن ۾ ھر قسم جا مثال ڪولي بيان ڪيا آھن ۽

مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ؕ وَلَئِنْ جِئْتَهُمْ بِاٰيَةٍ لَّيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا

(اي پيغمبر ﷺ!) يقينًا جيڪڏھن تون انھن وٽ ڪا به نشاني آڻيندين ته جن ڪفر ڪيو آھي، سي ضرور چوندا ته

اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا مُبْطِلُوْنَ ﴿٥٨﴾ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ

توھان رڳو ڪوڙ ڳالھائيندڙ آھيو ﴿٥٨﴾ اھڙيءَ طرح الله تعاليٰ انھن (ڪافرن) جي دلين تي مھر ھڻي ٿو،

الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٥٩﴾ فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلَا يَسْتَخِفَّنَّكَ

جيڪي نٿا ڄاڻن ﴿٥٩﴾ پوءِ صبر ڪر، بيشڪ (تنھنجي مدد جي باري ۾) الله جو وعدو برحق آھي ۽ گھرجي

الَّذِيْنَ لَا يُوْقِنُوْنَ ﴿٦٠﴾ ع

تہ جيڪي ماڻھو (قيامت تي) يقين نہ ٿا رکن، اهي توکي (ڪاوڙ ۾) هلڪائيءَ تي نہ اڀارين ﴿٦٠﴾

ايَاتُهَا ٣٤ (٣١) سُوْرَةُ لُقْمٰنَ مَكِّيَّةٌ (٥٧) رُكُوْعَاتُهَا ٤

سورة لقمان مڪي آهي ۽ منجھس چوٽيھہ آيتون ۽ چار رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

خدا تعاليٰ جي ويجھڙائي وٺان ٿو، سندس نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

الٓمّٓ ﴿١﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ ﴿٢﴾ هُدًى وَّ رَحْمَةً

الٓمّٓ آءٌ خدا آهيان جو ڄاڻان ٿو ﴿١﴾ اهي آيتون، حڪمت واري ڪتاب جون آهن (جيڪي اڳين ڪتابن ۾ بيان ٿيل آهن) ﴿٢﴾

لِّلْمُحْسِنِيْنَ ﴿٣﴾ الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ

نيڪي ڪندڙن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهن ﴿٣﴾ (اهي نيڪي ڪندڙ) جيڪي نماز قائم ڪن ٿا ۽ (حيلي ۽ حجت بازيءَ کان

هُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ﴿٤﴾ اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ

سواءِ حقدارن کي) زڪوٰة ڏين ٿا ۽ اهي آخرت تي يقين رکن ٿا ﴿٤﴾ ۽ اهي ئي پنهنجي ربّ جي طرفان هدايت تي آهن

وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٥﴾ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَ

۽ اهي ئي ڪاميابي ماڻڻ وارا آهن ﴿٥﴾ ۽ ماڻھن مان ڪو بيهوده ڳالهيون (۽ عجمي ملڪن جون آکاڻيون ۽ خبرون) خريد

الْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۖ وَّيَتَّخِذَهَا

ڪري ٿو، جيئن علم کان سواءِ (ماڻھن کي) الله جي واٽ کان گمراه ڪري ۽ انهن (قرآن جي آيتن يا اسلام جي طريقي)

هُزُوًا ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿٦﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا

سان ٺٺوليون ڪري. اهي ئي ماڻھو آهن، جن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي ﴿٦﴾ ۽ جڏھن مٿس اسان جون آيتون پڙھبيون

وَلّٰى مُسْتَكْبِرًا كَاَنْ لَّمْ يَسْمَعْهَا كَاَنَّ فِيْٓ اُذُنَيْهِ وَقْرًا ۚ

آهن، تہ وڏائي ڪندي منهن ڦيرائيندو آهي، ڄڻ تہ اهي آيتون ٻڌيون ئي نہ هيائين، ڄڻ تہ سندس ڪنن ۾ ڳوراڻ

فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝٧ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

آهي. پوءِ ڪيس ڏکوئيندڙ عذاب جي خوشخبري ڏي ⑦ بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، تن لاءِ نعمتن

لَهُمْ جَنّٰتُ النَّعِيْمِ ۝٨ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ؕ وَهُوَ

وارا باغ آهن ⑧ منجهن سدائين رهڻ وارا آهن. اهو وعدو (پورو ڪرڻ) الله تي حقّ آهي ۽ اهوئي غالب،

الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝٩ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ بِغَيْرِ عَمَدٍ تَرَوْنَهَا وَاَلْقٰى

حڪمت وارو آهي ⑨ (الله تعاليٰ) آسمانن کي بغير ٿنڀ جي پيدا ڪيو، جنهن کي توهان ڏسو ٿا ۽ (زمين جي مٿان

فِى الْاَرْضِ رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ وَبَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍ ؕ

مضبوط جبل ڪوڙي ڇڏيائين، متان زمين توهان کي ڏوڏي وجهي ۽ منجهس هر (قسم جا) ساهوارا

وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍ كَرِيْمٍ ۝١٠

پکيڙي ڇڏيائين ۽ آسمان تان پاڻي لاٿوسون، پوءِ انهيءَ ۾ هر قسم جي سٺي اوڀڙ اپائي سون ⑩

هٰذَا خَلْقُ اللّٰهِ فَاَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقَ الَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖ ؕ بَلِ

اِها آهي الله جي مخلوق، پوءِ (اي مشرڪو!) مون کي ڏيکاريو تہ الله کان سواءِ ٻين (باطل معبودن ۽ بتن) ڇا پيدا ڪيو

الظّٰلِمُوْنَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۝١١ ۧ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ ع ١١

آهي؟ بلڪ ظالم پڌري گمراهي ۾ آهن ⑪ ۽ بيشڪ اسان لقمان کي حڪمت ڏني (يعني عقل ۽ علم باعمل ۽ ڪيس

اشْكُرْ لِلّٰهِ ؕ وَمَنْ يَّشْكُرْ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ

چيوسون تہ) الله جو شڪر ڪر ۽ جيڪو شخص (الله جو) شڪر ڪري ٿو، سو پنهنجي لاءِ شڪر ڪري ٿو ۽ جنهن ڪفر ڪيو تہ

اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿١٢﴾ وَاِذْ قَالَ لُقْمٰنُ لِابْنِهٖ وَهُوَ يَعِظُهٗ يٰبُنَيَّ لَا

بيشڪ الله بي نياز، ساراهيل آهي ﴿١٢﴾ ۽ (اي محمد ﷺ! ياد ڪر) جڏهن لقمان پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪندي چيو ته اي

تُشْرِكْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ ﴿١٣﴾ وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ

وقف النبي صلى الله عليه وسلم

پٽڙا! الله سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪر. بيشڪ شرڪ هڪ وڏو ظلم آهي ﴿١٣﴾ ۽ اسان انسان کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان

بِوَالِدَيْهِ ۚ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ وَهْنًا عَلٰى وَهْنٍ وَّفِصٰلُهٗ فِيْ عَامَيْنِ

(سهڻي سلوڪ ڪرڻ جي) وصيت ڪئي. ڪيس سندس ماءُ ڪمزوريءَ مٿان ڪمزوريءَ تي پيٽ ۾ کنيو ۽ سندس کير ڇڏائڻ (جي وڏ ۾
وڏمدت) ٻه سال آهي (۽ ڪيس وصيت ڪئي سون ته منهنجي نعمت جو) شڪر ڪر ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ (جي تربيت) جو (پڻ شڪر ڪر.)

اَنِ اشْكُرْ لِيْ وَلِوَالِدَيْكَ ؕ اِلَيَّ الْمَصِيْرُ ﴿١٤﴾ وَاِنْ جَاهَدٰكَ عَلٰٓى اَنْ

النصف

مون ڏانهن ئي موٽڻو آهي ﴿١٤﴾ ۽ جيڪڏهن اهي ٻئي توسان جهيڳڙو ڪن ته مون سان (باطل معبودن کي) شريڪ ڪر،

تُشْرِكَ بِيْ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ۙ فَلَا تُطِعْهُمَا وَصَاحِبْهُمَا

جنهن لاءِ تو وٽ ڪو علم نه آهي ته پوءِ سندن چيو نه مڃ ۽ ساڻن دنيا ۾ سهڻي نموني سان هل ۽ انهيءَ شخص جي واٽ

فِي الدُّنْيَا مَعْرُوْفًا ۫ وَّاتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ ۚ ثُمَّ اِلَيَّ

وٺ جيڪو (منهنجي رسول حضرت محمد ﷺ جي فرمانبرداري ڪندي) مون ڏانهن رجوع ڪري ٿو. پوءِ توهان جو موٽڻ

مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٥﴾ يٰبُنَيَّ اِنَّهَآ اِنْ

مون ڏانهن آهي. پوءِ جيڪي ڪجهه توهان ڪريو ٿا، ان جي توهان کي خبر ڏيندس ﴿١٥﴾ اي منهنجا پٽڙا! جيڪڏهن (ڪا

تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِيْ صَخْرَةٍ اَوْ فِي

برائي ۽ نيڪي) اَهر جي داڻي برابر به جبل جي اندر (ڳجهي) يا آسمانن ۽ زمين ۾ هوندي، الله ان کي به آڻيندو (يعني

السَّمٰوٰتِ اَوْ فِي الْاَرْضِ يَاْتِ بِهَا اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ ﴿١٦﴾

ان جو به بدلو ڏيندو.) بيشڪ الله لطيف يعني ننڍي کان ننڍي شيءِ کي ڏسندڙ (۽ هر شيءِ جي) خبر رکندڙ آهي ﴿١٦﴾

يٰبُنَيَّ اَقِمِ الصَّلٰوةَ وَاْمُرْ بِالْمَعْرُوْفِ وَانْهَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَاصْبِرْ

اي منهنجا پٽڙا! نماز قائم ڪر ۽ (ماڻهن کي) نيڪيءَ جو حڪم ڪر ۽ برائيءَ کان روڪ ۽ جيڪا (مصيبت ۽

عَلٰى مَآ اَصَابَكَ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ۚ ﴿١٧﴾ وَلَا تُصَعِّرْ

تڪليف) توکي پهچي، تنهن تي صبر ڪر. بيشڪ اهي وڏي همت وارن ڪمن مان آهن ﴿١٧﴾ ۽ (وڏائي وچان ماڻهن

خَدَّكَ لِلنَّاسِ وَلَا تَمْشِ فِى الْاَرْضِ مَرَحًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا

کان منهن نه ڦيراءِ ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري (۽ خود پسنديءَ سان) نه هل، بيشڪ الله ڪنهن به وڏائي خور، فخر ڪندڙ

يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرٍ ۚ ﴿١٨﴾ وَاقْصِدْ فِىْ مَشْيِكَ وَاغْضُضْ

کي پسند نٿو ڪري ﴿١٨﴾ ۽ (نوڙت ڪر، يا هيءُ مطلب آهي ته) تيز ۽ هوريان هلڻ جي بجاءِ وچولي رفتار ۾ ۽ عاجزيءَ

مِنْ صَوْتِكَ ؕ اِنَّ اَنْكَرَ الْاَصْوَاتِ لَصَوْتُ الْحَمِيْرِ ۠ ﴿١٩﴾ اَلَمْ ع٢ ٨ ١١

سان هلندو ڪر ۽ هوريان ڳالهائيندو ڪر، بيشڪ سڀ کان خراب آواز گڏهه جو آواز آهي ﴿١٩﴾ ڇا نٿا ڏسو ته الله

تَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ

تعاليٰ توهان جي لاءِ انهن شين کي تابع ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي آسمانن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن

وَاَسْبَغَ عَلَيْكُمْ نِعَمَهٗ ظَاهِرَةً وَّبَاطِنَةً ؕ وَمِنَ النَّاسِ

۽ توهان جي مٿان پنهنجيون ظاهري ۽ باطني نعمتون پوريون ڪري ڇڏيائين ۽ ماڻهن مان ڪو آهي، جيڪو

مَنْ يُّجَادِلُ فِى اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّلَا هُدًى وَّلَا كِتٰبٍ مُّنِيْرٍ ﴿٢٠﴾

الله تعاليٰ جي وات ۾ علم کان سواءِ ۽ هدايت ۽ روشن ڪتاب کان بغير جهڳڙو ڪندو آهي ﴿٢٠﴾

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَا

۽ جڏهن کين چئجي ٿو ته پيروي ڪريو انهيءَ (ڪتاب) جي جيڪو الله لاٿو آهي، چون ٿا ته بلڪ اسين پيروي ڪريون ٿا

وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَوَلَوْ كَانَ الشَّيْطٰنُ يَدْعُوْهُمْ اِلٰى

ان (طريقي) جي جنهن تي پنهنجن ابن ڏاڏن کي لڌوسون. ڇا جيتوڻيڪ شيطان کين باهہ جي عذاب ڏانهن سڏي (تڏهن

عَذَابِ السَّعِيْرِ ﴿٢١﴾ وَمَنْ يُّسْلِمْ وَجْهَهٗۤ اِلَى اللّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ

بہ سندس پيروي کندا؟ ﴿٢١﴾ ۽ جيکو (پنهنجي دين کي الله لاءِ خالص کندو يا) پنهنجو منهن الله (جي فرمانبرداري)

فَقَدِ اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ؕ وَاِلَى اللّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ﴿٢٢﴾

ڏانهن کندو ۽ نيڪي کندڙ هوندو تہ بيشڪ ان مضبوط ڪڙي کي ورتو ۽ الله ڏانهن ئي ڪمن جي پڇاڙي آهي ﴿٢٢﴾

وَمَنْ كَفَرَ فَلَا يَحْزُنْكَ كُفْرُهٗ ؕ اِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ فَنُنَبِّئُهُمْ بِمَا

۽ جيڪو شخص ڪفر ڪري تہ تو کي سندس ڪفر غم ۾ نہ وجهي ۽ اسان ڏانهن ئي سندن موٽڻ آهي، پوءِ کين ضرور

عَمِلُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٢٣﴾ نُمَتِّعُهُمْ قَلِيْلًا ثُمَّ

انهن ڪمن جي باري ۾ خبر ڏينداسون، جيڪي انهن ڪيا. بيشڪ الله سينن جا راز بہ ڄاڻندڙ آهي ﴿٢٣﴾ کين ٿورو فائدو

نَضْطَرُّهُمْ اِلٰى عَذَابٍ غَلِيْظٍ ﴿٢٤﴾ وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ

ڏيون ٿا ۽ پوءِ کين سخت عذاب ڏانهن مجبور (۽ لاچار) ڪنداسون ﴿٢٤﴾ ۽ جيڪڏهن انهن کان پڇندين تہ آسمانن ۽ زمين کي

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ؕ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ

ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ ضرور چوندا تہ الله! (اي مُحَمّد ﷺ!) فرماءِ تہ سڀ ساراهہ (۽ شڪر) الله لاءِ آهي. بلڪ انهن مان

لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٥﴾ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ

گهڻا نٿا ڄاڻن ﴿٢٥﴾ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، سڀ الله جو آهي، بيشڪ الله بي نياز، ساراهيل

الْحَمِيْدُ ﴿٢٦﴾ وَلَوْ اَنَّ مَا فِى الْاَرْضِ مِنْ شَجَرَةٍ اَقْلَامٌ وَّالْبَحْرُ

آهي ﴿٢٦﴾ ۽ جيڪڏهن زمين جا سڀ وڻ قلم ۽ سڀ درياءَ مس ٿين ۽ ان کان پوءِ (مس جا) ست سمنڊ (ٻيا) هجن

يَمُدُّهٗ مِنۢ بَعْدِهٖ سَبْعَةُ اَبْحُرٍ مَّا نَفِدَتْ كَلِمٰتُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ

(جن سان خدا جون ڳالهيون ۽ علم لکجي) ته به الله جون ڳالهيون ختم نه ٿينديون. بيشڪ الله غالب، حڪمت وارو

اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۷﴾ مَا خَلْقُكُمْ وَلَا بَعْثُكُمْ اِلَّا كَنَفْسٍ

آهي ﴿۲۷﴾ (الله جي قدرت جي اڳيان) توهان جو پيدا ڪرڻ ۽ توهان کي ٻيهر جيارڻ (رڳو) هڪ جيءَ (کي

وَّاحِدَةٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿۲۸﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ

پيدا ڪرڻ) وانگر آهي (يعني پوري مخلوق جو پيدا ڪرڻ، هڪ شيءِ جي پيدا ڪرڻ وانگر آهي) بيشڪ الله (سڀ ڪجهه)
ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي ﴿۲۸﴾ ڇا نه ڏٺئي ته الله رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪري ٿو ۽ سج ۽ چنڊ

فِى النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِى الَّيْلِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ؗ كُلٌّ

کي تابع ڪيائين. هر هڪ مقرر مدت (قيامت تائين، يا سج ، سال جي آخر تائين ۽ چنڊ، مهيني جي آخر) تائين

يَّجْرِىْٓ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّاَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۲۹﴾ ذٰلِكَ

هلي ٿو ۽ هيءُ ته توهان جيڪي ڪم ڪريو ٿا، الله انهن جي خبر رکندڙ آهي ﴿۲۹﴾ اهو هن ڪري (ڪيائين ته

بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهِ الْبَاطِلُ ۙ وَ

توهان ڄاڻو) ته الله ئي سچو معبود آهي ۽ (جيئن ڄاڻو) ته ان کان سواءِ جن کي سڏين ٿا، سي باطل آهن ۽ (جيئن

ع ۳ ۱۲ اَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِىُّ الْكَبِيْرُ ﴿۳۰﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ الْفُلْكَ تَجْرِىْ فِى

ڄاڻو) ته الله ئي بلند (۽) وڏي (شان وارو) آهي ﴿۳۰﴾ ڇا نه ڏٺئي ته ٻيڙيون الله جي نعمت سان سمنڊ ۾ هلن ٿيون، جيئن

الْبَحْرِ بِنِعْمَتِ اللّٰهِ لِيُرِيَكُمْ مِّنْ اٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ

توهان کي پنهنجي (قدرت جون) نشانيون ڏيکاري. بيشڪ ان ۾ (مصيبت تي) صبر ڪندڙ (۽ نعمت جو) شڪر ڪندڙ هر

لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿۳۱﴾ وَاِذَا غَشِيَهُمْ مَّوْجٌ كَالظُّلَلِ دَعَوُا اللّٰهَ

شخص لاءِ نشانيون آهن ﴿۳۱﴾ ۽ جڏهن کين جبل جيڏيون موجون ورڪوڙينديون آهن ته پنهنجي دين (۽ دعا) کي الله لاءِ

مُخۡلِصِيۡنَ لَهُ الدِّيۡنَ ۚ فَلَمَّا نَجّٰىهُمۡ اِلَى الۡبَرِّ فَمِنۡهُمۡ مُّقۡتَصِدٌ ؕ

خالص ڪندي ڪيس سڏيندا آهن. پوءِ جڏهن کين سُڪَ ڏانهن نجات ڏيندو آهي تہ انهن مان ڪو الله سان ڪيل پنهنجي عهد

وَمَا يَجۡحَدُ بِاٰيٰتِنَاۤ اِلَّا كُلُّ خَتَّارٍ كَفُوۡرٍ ﴿۳۲﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ

ڪي پورو ڪندو آهي ۽ اسان جي آيتن جو انڪار رڳو وعدي جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ۽ ناشڪرو شخص ئي ڪندو آهي ﴿۳۲﴾ اي

اتَّقُوۡا رَبَّكُمۡ وَاخۡشَوۡا يَوۡمًا لَّا يَجۡزِىۡ وَالِدٌ عَنۡ وَّلَدِهٖ ۫ وَلَا

انسانو! پنهنجي ربّ کان ڊڄو ۽ ان ڏينهن (جي عذاب) کان ڊڄو، جڏهن نہ ڪو پيءُ پنهنجي پٽ ڪي بدلو ڏيندو ۽ نہ ڪو

مَوۡلُوۡدٌ هُوَ جَازٍ عَنۡ وَّالِدِهٖ شَيۡـًٔا ؕ اِنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا

پٽ پنهنجي پيءُ کي ڪجهہ بچائي سگهندو، بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي، پوءِ توهان کي دنيا جي زندگي دوکي

تَغُرَّنَّكُمُ الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا ٝ وقفة وَلَا يَغُرَّنَّكُمۡ بِاللّٰهِ الۡغَرُوۡرُ ﴿۳۳﴾

۾ نہ وجهي ۽ نہ توهان کي الله (ڪريم ۽ رحيم) جي باري ۾ دوکو ڏيندڙ (يعني شيطان) دوکي ۾ وجهي ﴿۳۳﴾

اِنَّ اللّٰهَ عِنۡدَهٗ عِلۡمُ السَّاعَةِ ۚ وَيُنَزِّلُ الۡغَيۡثَ ۚ وَيَعۡلَمُ

بيشڪ الله وٽ ئي قيامت جو علم آهي، (جنهن کي ڪو بہ نٿو ڄاڻي تہ ڪڏهن ايندي) ۽ اهوئي مينهن وسائي ٿو (۽

مَا فِى الۡاَرۡحَامِ ؕ وَمَا تَدۡرِىۡ نَفۡسٌ مَّاذَا تَكۡسِبُ

ڄاڻي ٿو تہ ڪڏهن برسات ايندي) ۽ جيڪي ڪجهہ مائرن جي پيٽن ۾ آهي (يعني پٽ آهي يا ڌيءُ) تنهن کي بہ

غَدًا ؕ وَمَا تَدۡرِىۡ نَفۡسٌۢ بِاَىِّ اَرۡضٍ تَمُوۡتُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

ڄاڻي ٿو ۽ ڪو نفس نٿو ڄاڻي تہ سڀاڻي ڇا ڪندو ۽ نہ ڪو جيءُ ڄاڻي ٿو تہ ڪهڙي سرزمين ۾ مرندو. بيشڪ الله

عَلِيۡمٌ خَبِيۡرٌ ﴿۳۴﴾ ع ۴

علم وارو، خبر رکڻ وارو آهي ﴿۳۴﴾

اٰيَاتُهَا ٣٠ (٣٢) سُوْرَةُ السَّجْدَةِ مَكِّيَّةٌ (٧٥) رُكُوْعَاتُهَا ٣

سورة السجدة مڪي آهي، هن ۾ ٽيھ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو وڏي شان وارو آهي ۽ جيڪو هر عام ۽ خاص تي رحم ڪندڙ آهي.

الٓمّٓ ۝١ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٢

الٓمّٓ آءٌ آهيان خدا، جو هر شيءِ ڪي ڄاڻان ٿو ① (هن) ڪتاب جو لاهڻ جهانن جي ربّ جي طرفان آهي، جنهن ۾ ڪو

اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۚ بَلْ هُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا

شڪ نہ آهي ② يا چون ٿا تہ ان کي (محمد ﷺ) پاڻ ٺاهيو آهي. بلڪ اهو تنهنجي ربّ جي طرفان حقّ آهي، جيئن ان

مَّآ اَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ ۝٣ اَللّٰهُ

(عرب) قوم کي ڊيڄارين، جن وٽ توکان اڳ ڪو ڊيڄاريندڙ نہ آيو، مَنَ اهي هدايت (يعني اسلام) جي واٽ وٺن ③ الله

الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ

(اهو قادر مطلق) آهي، جنهن آسمان کي ۽ زمين کي ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي، ان کي ڇهن ڏينهن (جي مقدار) ۾

اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۗ مَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا

پيدا ڪيو، پوءِ عرش تي قائم ٿيو. ان کان سواءِ توهان جو نہ ڪو دوست آهي ۽ نہ (سندس اجازت کان سواءِ) ڪو شفاعت

شَفِيْعٍ ۗ اَفَلَا تَتَذَكَّرُوْنَ ۝٤ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ مِنَ السَّمَآءِ اِلَى

ڪندڙ آهي، ڇا پوءِ نصيحت حاصل نٿا ڪريو ؟ ④ (اهو ئي) آسمان تان (دنيا جي ڏينهن جي مدّت ۾) حڪم

الْاَرْضِ ثُمَّ يَعْرُجُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗٓ اَلْفَ سَنَةٍ

زمين تي موڪلي ٿو. پوءِ (فيصلو ۽ حڪم) ان ڏانهن هڪ ڏينهن ۾ چڙهي ٿو، جنهن جو مقدار توهان جي ڳاڻاٽي

مِّمَّا تَعُدُّوْنَ ۝٥ ذٰلِكَ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۝٦

مطابق هڪ هزار سال آهي ۝٥ اهو ئي ڳجهه ۽ ظاهر کي ڄاڻندڙ، (هر شيءِ تي) غالب، رحم ڪندڙ آهي ۝٦

الَّذِيْٓ اَحْسَنَ كُلَّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ وَبَدَاَ خَلْقَ الْاِنْسَانِ مِنْ

جنهن هر شيءِ سهڻي نموني سان پيدا ڪئي ۽ انسان (يعني آدم عليه السلام) جي پيدائش جي شروعات مٽيءَ مان

طِيْنٍ ۝٧ ثُمَّ جَعَلَ نَسْلَهٗ مِنْ سُلٰلَةٍ مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ ۝٨

ڪيائين ۝٧ پوءِ سندس نسل (۽ سندس اولاد) کي هڪ خسيس پاڻي (يعني نطفي) مان پيدا ڪيائين ۝٨

ثُمَّ سَوّٰىهُ وَنَفَخَ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِهٖ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَ

پوءِ ڪيس تيار ڪيائين ۽ منجهس پنهنجو روح ڦوڪيائين (۽ روح سندس مخلوق آهي.) ۽ توهان کي ڪَنَ ۽

الْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ ۭ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ۝٩ وَقَالُوْٓا ءَاِذَا ضَلَلْنَا

اکيون ۽ دليون ڏنائين. (تڏهن بہ) توهان گهٽ شڪر ڪريو ٿا ۝٩ ۽ (قيامت جا منڪرَ) چون ٿا تہ ڇا جڏهن اسين

فِي الْاَرْضِ ءَاِنَّا لَفِيْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ڛ بَلْ هُمْ بِلِقَآئِ رَبِّهِمْ

(مري ڳري) مٽيءَ ۾ ملي وينداسون، ڇا واقعي اسان نئين سر پيدا ٿينداسون؟ بلڪ اهي پنهنجي ربّ جي ملاقات

كٰفِرُوْنَ ۝١٠ قُلْ يَتَوَفّٰىكُمْ مَّلَكُ الْمَوْتِ الَّذِيْ وُكِّلَ بِكُمْ ثُمَّ اِلٰى

جا منڪر آهن ۝١٠ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ توهان کي اهو ملڪ الموت ماريندو، جيڪو توهان (جا روح ڪڍڻ) تي مقرر

رَبِّكُمْ تُرْجَعُوْنَ ۝١١ ع وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الْمُجْرِمُوْنَ نَاكِسُوْا رُءُوْسِهِمْ ع ١١ ١٤

ڪيو ويو آهي، پوءِ توهان کي پنهنجي ربّ ڏانهن موٽڻو آهي ۝١١ ۽ (اي محمد ﷺ!) جيڪر ڏوهارين کي ڏسين، جڏهن

عِنْدَ رَبِّهِمْ ۭ رَبَّنَآ اَبْصَرْنَا وَسَمِعْنَا فَارْجِعْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا

اهي پنهنجي ربّ جي اڳيان (پشيمانيءَ وچان) پنهنجا ڪنڌ جهڪائي بيٺا هوندا. (چوندا تہ) ربّ اسان جا! (پيغمبرن
تنهنجي طرفان پيغام آندو) تنهن کي بيشڪ اسان ڏٺو ۽ ٻڌو. پوءِ اسان کي (دنيا ۾) موٽاءِ تہ چڱا ڪم ڪريون. بيشڪ

اِنَّا مُوْقِنُوْنَ ﴿١٢﴾ وَلَوْ شِئْنَا لَاٰتَيْنَا كُلَّ نَفْسٍ هُدٰىهَا وَلٰكِنْ حَقَّ

اسين يقين ڪندڙ آهيون ﴿١٢﴾ ۽ جيڪڏهن گهرون ها ته هر شخص کي سندس هدايت عطا ڪريون ها ۽ پر منهنجي

الْقَوْلُ مِنِّيْ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٣﴾

طرفان هي فرمان واجب ٿي چڪو آهي ته ضرور جهنم کي انسانن ۽ جنن سڀني سان ڀريندس ﴿١٣﴾

فَذُوْقُوْا بِمَا نَسِيْتُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ۚ اِنَّا نَسِيْنٰكُمْ وَ ذُوْقُوْا

پوءِ (چونداسون ته) پنهنجي هن ڏينهن کي وسارڻ سبب (عذاب) چکو. بيشڪ اسان توهان کي وساري ڇڏيو ۽ (دنيا ۾ گناهن ۽

عَذَابَ الْخُلْدِ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤﴾ اِنَّمَا يُؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا الَّذِيْنَ

رسولن جي نافرماني ۽ جي) عملن جي ڪري دائمي عذاب چکو ﴿١٤﴾ بيشڪ اسان جي آيتن تي اهي ئي ايمان آڻيندا آهن،

اِذَا ذُكِّرُوْا بِهَا خَرُّوْا سُجَّدًا وَّسَبَّحُوْا بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَهُمْ لَا

جن جي سامهون اهي بيان ڪيون آهن ته سجدي ۾ ڪري پوندا آهن ۽ پنهنجي ربّ جي ساراهه سان سندس تسبيح ڪندا آهن

يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿١٥﴾ ۩ السّجدة تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ

۽ اهي وڏائي نه ڪندا آهن ﴿١٥﴾ سندن پاسا بسترن کان جدا هوندا آهن. پنهنجي ربّ کي (عذاب جي) خوف ۽ (سندس رحمت ۾)

خَوْفًا وَّ طَمَعًا ۚ وَّمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿١٦﴾ فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّآ

اميد سان سڏيندا آهن ۽ جيڪو رزق اسان کين ڏنو آهي، تنهن مان (اسان جي رضا لاءِ) خرچ ڪندا آهن ﴿١٦﴾ ۽ سندن لاءِ جيڪي

اُخْفِيَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ اَعْيُنٍ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٧﴾ اَفَمَنْ كَانَ

ڪجهه اکين جو ٺار لڪايو ويو آهي، تنهن کي ڪو جيءُ نٿو ڄاڻي. (اهو) سندن عملن جو بدلو آهي ﴿١٧﴾ ڇا پوءِ جيڪو مؤمن

مُؤْمِنًا كَمَنْ كَانَ فَاسِقًا ؕ لَا يَسْتَوٗنَ ﴿١٨﴾ اَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

آهي (يعني علي رضي الله عنه) سو بدڪار (يعني وليد بن عتبه) وانگر آهي؟ برابر نٿا ٿي سگهن ﴿١٨﴾ باقي رهيا اهي ماڻهو، جن

السجدة ٩

وقف غفران

الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ جَنّٰتُ الْمَاْوٰى ز نُزُلًا بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٩﴾ وَاَمَّا

ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، تن لاءِ سندن عملن جي نتيجي ۾ مهمانيءَ لاءِ (عرش جي هيٺان) رهڻ لاءِ بهشت (جا باغ) آهن (جو انهن پيغمبرن جي سردار رسول الله ﷺ جن جي پيروي ڪئي ﴿١٩﴾ ۽ باقي رهيا اهي ماڻهو، جن (پاڪ سڳورن ﷺ جي)

الَّذِيْنَ فَسَقُوْا فَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ط كُلَّمَآ اَرَادُوْٓا اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَآ اُعِيْدُوْا

نافرماني ڪئي، تن جو ٽڪاڻو دوزخ آهي. جڏهن به انهيءَ مان ٻاهر نڪرڻ گهرندا، ڪين منجهس موٽايو ويندو

فِيْهَا وَقِيْلَ لَهُمْ ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ﴿٢٠﴾

۽ ڪين چيو ويندو ته انهيءَ باهه (جي عذاب) جو مزو چکو، جنهن کي توهان (دنيا ۾) ڪوڙو ڪندا هئا ﴿٢٠﴾

وَلَنُذِيْقَنَّهُمْ مِّنَ الْعَذَابِ الْاَدْنٰى دُوْنَ الْعَذَابِ الْاَكْبَرِ لَعَلَّهُمْ

۽ ضرور ڪين (آخرت جي) وڏي عذاب کان اڳ (دنيا ۾ قتل، قيد، ڏڪار ۽ آفتن وغيره ذريعي) ننڍو عذاب چکائينداسون،

يَرْجِعُوْنَ ﴿٢١﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ ثُمَّ اَعْرَضَ عَنْهَا ط

مَنَ اهي موٽن ﴿٢١﴾ ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جنهن کي سندس ربّ جي آيتن سان نصيحت ڪجي، پوءِ انهن کان

اِنَّا مِنَ الْمُجْرِمِيْنَ مُنْتَقِمُوْنَ ﴿٢٢﴾ ع وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَلَا ع ٢ ١١ ١٥

منهن موڙي. بيشڪ اسان ڏوهارين (۽ ڪافرن) کان بدلو وٺندڙ آهيون ﴿٢٢﴾ ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي ڪتاب (يعني توريت)

تَكُنْ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَآئِهٖ وَجَعَلْنٰهُ هُدًى لِّبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿٢٣﴾ ج وَ

ڏنو، پوءِ ان (موسيٰ) جي ملاقات جي باري ۾ شڪ ۾ نه پئو (يعني معراج جي رات، جنهن جو اسان توسان وعدو ڪيو آهي) ۽ اسان ان (موسيٰ يا ڪتاب) کي بني اسرائيل لاءِ هدايت جو ذريعو بڻايو ﴿٢٣﴾ ۽ انهن (يعني بني اسرائيل) مان ڪن کي اڳواڻ ڪيوسون.

جَعَلْنَا مِنْهُمْ اَئِمَّةً يَّهْدُوْنَ بِاَمْرِنَا لَمَّا صَبَرُوْا قف ط وَكَانُوْا

اهي اسان جي حڪم (۽ فرمانبرداريءَ مطابق) هدايت جي واٽ ڏيکاريندا هئا، جاڪاڻ ته انهن صبر ڪيو ۽ اهي اسان

بِاٰيٰتِنَا يُوْقِنُوْنَ ﴿٢٤﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا

جي آيتن تي يقين رکندڙ هئا ﴿٢٤﴾ بيشڪ تنهنجو ربّ قيامت جي ڏينهن (رسولن ۽ ڪين ڪوڙو ڪندڙن) جي اختلافن جو

كَانُوۡا فِيۡهِ يَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿٢٥﴾ اَوَ لَمۡ يَهۡدِ لَهُمۡ كَمۡ اَهۡلَكۡنَا مِنۡ قَبۡلِهِمۡ مِّنَ

فيصلو فرمائيندو ﴿٢٥﴾ يا (مڪي وارا) هن ڳالھ مان هدايت نٿا وٺن تہ اسان انهن کان اڳ ۾ ڪيترين قومون هلاڪ

الۡقُرُوۡنِ يَمۡشُوۡنَ فِيۡ مَسٰكِنِهِمۡ ؕ اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ ؕ اَفَلَا يَسۡمَعُوۡنَ ﴿٢٦﴾ اَوَ

ڪيون آهن، (جن پنهنجن پيغمبرن کي ڪوڙو ڪيو.) جن جي (برباد ڪيل) وسندين ۾ اهي (مڪي جا ڪافر) گهمن ڦرن ٿا. بيشڪ انهيءَ ۾ يقينًا نشانيون آهن، ڇا پوءِ اهي (نصيحت جي ڳالھ) نٿا ٻڌن؟ ﴿٢٦﴾ يا نٿا ڏسن تہ اسين ويران زمين ۾ پاڻي وهايون ٿا،

لَمۡ يَرَوۡا اَنَّا نَسُوۡقُ الۡمَآءَ اِلَى الۡاَرۡضِ الۡجُرُزِ فَنُخۡرِجُ بِهٖ زَرۡعًا تَاۡكُلُ

پوءِ ان سان پوک اپايون ٿا، جنهن کي سندن جانور بہ کائين ٿا ۽ اهي پاڻ بہ (کائين ٿا.) ڇا پوءِ نٿا ڏسن (جو ڄاڻن تہ

مِنۡهُ اَنۡعَامُهُمۡ وَاَنۡفُسُهُمۡ ؕ اَفَلَا يُبۡصِرُوۡنَ ﴿٢٧﴾ وَيَقُوۡلُوۡنَ مَتٰى هٰذَا الۡفَتۡحُ

ڪين بيهر جيارڻ تي وس وارا آهيون.) ﴿٢٧﴾ ۽ (ڪافر مؤمنن کي) چون ٿا تہ اها فتح ڪڏهن ايندي، جيڪڏهن توهان سچا

اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿٢٨﴾ قُلۡ يَوۡمَ الۡفَتۡحِ لَا يَنۡفَعُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِيۡمَانُهُمۡ

آهيو ﴿٢٨﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ فتح جي ڏينهن ڪافرن کي ايمان آڻڻ فائدو نہ ڏيندو ۽ نہ ڪين (توبه لاءِ) مهلت ڏني

وَلَا هُمۡ يُنۡظَرُوۡنَ ﴿٢٩﴾ فَاَعۡرِضۡ عَنۡهُمۡ وَانۡتَظِرۡ اِنَّهُمۡ مُّنۡتَظِرُوۡنَ ﴿٣٠﴾ ع

ويندي ﴿٢٩﴾ پوءِ انهن کان منهن موڙ ۽ (سندن عذاب لاءِ) انتظار ڪر، بيشڪ اهي بہ (تنهنجي هلاڪت لاءِ) انتظار ڪندڙ آهن ﴿٣٠﴾

اٰيَاتُهَا ٧٣ (٣٣) سُوۡرَةُ الۡاَحۡزَابِ مَدَنِيَّةٌ (٩٠) رُكُوۡعَاتُهَا ٩

سورة الاحزاب مدني آهي. هن ۾ ٽيهتر آيتون ۽ نو رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جنهن لاءِ هر قسم جي تعظيم ۽ اعليٰ شان آهي، عوام تي رحم ڪندڙ ۽ خواص تي ٻاجهارو آهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اتَّقِ اللّٰهَ وَلَا تُطِعِ الۡكٰفِرِيۡنَ وَالۡمُنٰفِقِيۡنَ ؕ اِنَّ

اي (عزت جا صاحب) نبي! الله کان ڊڄ (۽ ثابت قدم رھ) ۽ ڪافرن ۽ منافقن جو چيو نہ مڃ، بيشڪ الله ڄاڻندڙ ۽ حڪمت

اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ① وَّاتَّبِعْ مَا يُوْحٰٓى اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ط

وارو آھي ① ۽ تو ڏانھن تنھنجي ربّ جي طرفان جيڪو وحي ڪيو وڃي ٿو، تنھن جي پيروي ڪر، بيشڪ جيڪي

اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ② وَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ط وَكَفٰى

ڪم توھان ڪري رھيا آھيو، الله انھن جي خبر رکندڙ آھي ② ۽ الله تي ڀروسو ڪر ۽ الله نگران ڪافي

بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ③ مَا جَعَلَ اللّٰهُ لِرَجُلٍ مِّنْ قَلْبَيْنِ فِيْ جَوْفِهٖ ج وَ

آھي ③ الله ڪنھن شخص لاءِ، سندس اندر ۾ ٻه دليون نه رکيون آھن ۽ نه ئي توھان جي زالن کي، جن کي

مَا جَعَلَ اَزْوَاجَكُمُ الّٰٓـِٔيْ تُظٰهِرُوْنَ مِنْهُنَّ اُمَّهٰتِكُمْ ج وَمَا

پنھنجيون مائرون چئو ٿا، توھان لاءِ حرام ڪيون اٿس، (جنھن کي جاھليت ۾ طلاق چوندا ھئا ۽ اھو سخت

جَعَلَ اَدْعِيَآءَكُمْ اَبْنَآءَكُمْ ط ذٰلِكُمْ قَوْلُكُمْ بِاَفْوَاهِكُمْ ط وَاللّٰهُ

اڻ ٺھندڙ ڪم آھي، جنھن تي ڪافر ڇھتيا پيا آھن.) ۽ نه توھان جي پٽيلن کي توھان جو (حقيقي) پٽ ڪيو آھي

يَقُوْلُ الْحَقَّ وَهُوَ يَهْدِي السَّبِيْلَ ④ اُدْعُوْهُمْ لِاٰبَآئِهِمْ هُوَ

(جو جاھليت جي دستور مطابق ميراث وٺن.) اھا توھان جي واتن جي چيل ڳالھ آھي ۽ الله سچ چوي ٿو ۽ اھوئي

سڌي واٽ ونائي ٿو ④ ڪين سندن پيئرن (جي نالي ۽ نسبت) سان سڏيو. اھا ڳالھ الله وٽ وڌيڪ انصاف واري آھي.

اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ ج فَاِنْ لَّمْ تَعْلَمُوْٓا اٰبَآءَهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ فِي الدِّيْنِ

جيڪڏھن سندن پيئرن کي نه ڄاڻو ته پوءِ توھان جا (ديني) ڀائر ۽ توھان جا دوست (يا توھان جا سوٽ) آھن ۽ (توھان

وَمَوَالِيْكُمْ ط وَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ فِيْمَآ اَخْطَاْتُمْ بِهٖ لا وَلٰكِنْ مَّا

جي واتن مان) غلط ڳالھ نڪري ته توھان تي گناھ نه آھي ۽ پر (پڪڙ پڇاڻو) توھان جي دلين جي پڪي پختي نيت تي

تَعَمَّدَتْ قُلُوْبُكُمْ ط وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ⑤ اَلنَّبِيُّ اَوْلٰى

آھي، (پوءِ ڪين وارث ڪرڻ جو ارادو نه ڪريو) ۽ الله بخشڻھار، رحم ڪندڙ آھي ⑤ نبي (سڳورو ﷺ) مؤمنن تي سندن

بِالۡمُؤۡمِنِیۡنَ مِنۡ اَنۡفُسِهِمۡ وَاَزۡوَاجُهٗۤ اُمَّهٰتُهُمۡ ؕ وَاُولُوا الۡاَرۡحَامِ

نفسن کان وڌيڪ حقدار آهي ۽ سندس زالون (نڪاح ۽ نظر جي حرمت ، حلون ۽ ميراث جي حوالي سان) سندن

بَعۡضُهُمۡ اَوۡلٰی بِبَعۡضٍ فِیۡ کِتٰبِ اللّٰهِ مِنَ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ

مائٽون آهن ۽ الله جي ڪتاب مطابق مٽ مائٽ مؤمنن ۽ مهاجرن جي ڀيٽ ۾ (ورثي جا) وڌيڪ حقدار آهن، مگر جيڪڏهن

وَالۡمُهٰجِرِیۡنَ اِلَّاۤ اَنۡ تَفۡعَلُوۡۤا اِلٰۤی اَوۡلِیٰٓئِکُمۡ مَّعۡرُوۡفًا ؕ کَانَ

پنهنجن دوستن سان احسان ڪريو (ته بيشڪ اهو چڱو ڪم آهي.) اهو (حڪم) الله جي ڪتاب (قرآن يا لوح محفوظ) ۾ لکيل

ذٰلِکَ فِی الۡکِتٰبِ مَسۡطُوۡرًا ۝۶ وَاِذۡ اَخَذۡنَا مِنَ النَّبِیّٖنَ

آهي ۝۶ ۽ (ياد ڪر) جڏهن اسان پيغمبرن کان عهد ورتو (ته هڪ ٻئي جي تصديق ڪندا) ۽ (اي محمد ﷺ! خاص ڪري)

مِیۡثَاقَهُمۡ وَمِنۡکَ وَمِنۡ نُّوۡحٍ وَّاِبۡرٰهِیۡمَ وَمُوۡسٰی وَعِیۡسَی ابۡنِ

توکان ۽ نوح (عليه السلام) کان ۽ ابراهيم (عليه السلام) ۽ موسيٰ (عليه السلام) ۽ عيسيٰ (عليه السلام) پٽ مريم (عليها السلام) کان پڪو، پختو

مَرۡیَمَ ۪ وَاَخَذۡنَا مِنۡهُمۡ مِّیۡثَاقًا غَلِیۡظًا ۝۷ لِّیَسۡـَٔلَ الصّٰدِقِیۡنَ عَنۡ

عهدو ورتوسون (جو توهان همت وارا پيغمبر ۽ جدا شريعت جا صاحب آهيو) ۝۷ جيئن (الله) سچن (يعني پيغمبرن) کان

صِدۡقِهِمۡ ۚ وَاَعَدَّ لِلۡکٰفِرِیۡنَ عَذَابًا اَلِیۡمًا ۝۸ یٰۤاَیُّهَا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوا

سندن سچائي (۽ پيغام پهچائڻ) بابت پڇي ۽ اسان ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو آهي ۝۸ اي ايمان وارو! پاڻ تي

اذۡکُرُوۡا نِعۡمَةَ اللّٰهِ عَلَیۡکُمۡ اِذۡ جَآءَتۡکُمۡ جُنُوۡدٌ فَاَرۡسَلۡنَا عَلَیۡهِمۡ

الله جو احسان ياد ڪريو. جڏهن (جنگ خندق ۾ قريش، غطفان، بنو قريظ جا ۽ ٻيا) لشڪر توهان تي ڪاهي آيا. پوءِ اسان

رِیۡحًا وَّجُنُوۡدًا لَّمۡ تَرَوۡهَا ؕ وَکَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ بَصِیۡرًا ۝۹ اِذۡ

انهن تي هوا جو طوفان موڪليو، (جنهن سندن ديڳيون اونڌيون ڪري ڇڏيون ۽ انهن جا تنبو پٽجي ويا) ۽ (فرشتن جا اهي) لشڪر

(لاٿاسون) جن کي توهان نٿا ڏسو ۽ توهان جيڪي ڪجهه ڪريو ٿا، ان کي الله ڏسندڙ آهي ۝۹ جڏهن اهي (ڪافرن جا لشڪر) توهان

جَآءُوْكُمْ مِّنْ فَوْقِكُمْ وَ مِنْ اَسْفَلَ مِنْكُمْ وَاِذْ زَاغَتِ

جي مٿان (يعني اپر ندي پاسي کان) ۽ توهان جي هيٺان (يعني مکي کان) کاهي آيا ۽ جڏهن (ڊپ جي وچان توهان جون) اکيون
ٽڙي ويون ۽ (دهشت جي وچان توهان جون) دليون نڙين تائين پهچي ويون ۽ توهان الله جي باري ۾ گمان ڪري رهيا هئا، گمان

الْاَبْصَارُ وَبَلَغَتِ الْقُلُوْبُ الْحَنَاجِرَ وَتَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ الظُّنُوْنَا ١٠

ڪرڻ (يعني مؤمنن کي الله جي مدد جو ويساهه هو ۽ منافقن کي حضرت محمد ﷺ جن جي هار ائڻ جو بڇڙو گمان هو) ١٠

هُنَالِكَ ابْتُلِيَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَ زُلْزِلُوْا زِلْزَالًا شَدِيْدًا ١١

اتي مؤمنن کي آزمايو ويو ۽ انهن کي ڏوڏيو ويو، سخت ڏوڏڻ (اهڙيءَ طرح مؤمنن ۽ منافقن کي پڌرو ڪيو ويو) ١١

وَاِذْ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ مَّا

۽ جڏهن منافقن ۽ جن جي دلين ۾ (شڪ جي) بيماري آهي، تن چيو ته (روم ۽ ايران جي فتح جي باري ۾) اسان

وَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اِلَّا غُرُوْرًا ١٢ وَاِذْ قَالَتْ طَّآئِفَةٌ

سان الله ۽ سندس رسول ﷺ رڳو دوکي وارو وعدو ڪيو آهي ١٢ ۽ جڏهن انهن مان هڪڙي ٽوليءَ چيو ته اي

مِّنْهُمْ يٰٓاَهْلَ يَثْرِبَ لَا مُقَامَ لَكُمْ فَارْجِعُوْا ج وَيَسْتَاْذِنُ

يثرب وارو! توهان لاءِ ڪو ماڳ مقام نه آهي، پوءِ (هتان) موٽي وڃو! ۽ (منافقن مان) هڪڙي ٽولي نبي (ﷺ

فَرِيْقٌ مِّنْهُمُ النَّبِيَّ يَقُوْلُوْنَ اِنَّ بُيُوْتَنَا عَوْرَةٌ ط وَمَا هِيَ

جن) کان (واپس وڃڻ جي) اجازت گهري رهي هئي. چئي رهيا هئا ته بيشڪ اسان جا گهر اڪيلا آهن، حالانڪ

بِعَوْرَةٍ ج اِنْ يُّرِيْدُوْنَ اِلَّا فِرَارًا ١٣ وَلَوْ دُخِلَتْ عَلَيْهِمْ

اهي اڪيلا نه آهن. اهي ته رڳو ڀڄڻ جي واٽ ڳولي رهيا آهن ١٣ ۽ جيڪڏهن انهن (منافقن) تي (ڪافرن جا لشڪر)

مِّنْ اَقْطَارِهَا ثُمَّ سُئِلُوا الْفِتْنَةَ لَاٰتَوْهَا وَمَا تَلَبَّثُوْا

مديني جي پاسن کان ڪاهي اچن ها، پوءِ ڪين فتني بازيءَ لاءِ سڏيو وڃي ها ته ضرور (هڪدم) اچن ها ۽ ڪا

مع عند المتقدمين

بِهَآ اِلَّا يَسِيْرًا ﴿١٤﴾ وَلَقَدْ كَانُوْا عَاهَدُوا اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ

ٿوري دير ٻه نه ترسن ها ﴿١٤﴾ ۽ بيشڪ (منافق) انهيءَ (جنگ خندق) کان اڳ الله سان وعدو ڪري چڪا هئا ته پٺيرا

لَا يُوَلُّوْنَ الْاَدْبَارَ ؕ وَكَانَ عَهْدُ اللّٰهِ مَسْـُٔوْلًا ﴿١٥﴾ قُلْ لَّنْ

ٿي نه ڀڄندا ۽ (قيامت جي ڏينهن) الله جي عهد جي باري ۾ پڪڙ پڇا ٿيڻي آهي ﴿١٥﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته جيڪڏهن

يَّنْفَعَكُمُ الْفِرَارُ اِنْ فَرَرْتُمْ مِّنَ الْمَوْتِ اَوِ الْقَتْلِ وَاِذًا لَّا

(تقدير جي لکيل) موت يا قتل کان ڀڄڻ گهرو ٿا ته توهان کي ڀڄڻ فائدو نه ڏيندو ۽ (فرض ڪريو ته توهان کي فائدو ٿئي

تُمَتَّعُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٦﴾ قُلْ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَعْصِمُكُمْ مِّنَ

ٻه) تڏهن ٻه توهان بلڪل ٿورو فائدو ماڻيندا ﴿١٦﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته ڪير آهي، جيڪو توهان کي الله کان

اللّٰهِ اِنْ اَرَادَ بِكُمْ سُوْٓءًا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ رَحْمَةً ؕ وَلَا

بچائي سگهي، جيڪڏهن اهو الله توهان کي برائي يا ڀلائي پهچائڻ گهري؟ ۽ اهي الله کان سواءِ پنهنجي لاءِ

يَجِدُوْنَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿١٧﴾ قَدْ

نه ڪنهن کي دوست لهندا ۽ نه ڪنهن کي مددگار (لهندا). ﴿١٧﴾ بيشڪ الله توهان مان (حضرت محمد ﷺ جن جي

يَعْلَمُ اللّٰهُ الْمُعَوِّقِيْنَ مِنْكُمْ وَالْقَآئِلِيْنَ لِاِخْوَانِهِمْ

مدد کان) روڪيندڙ (منافقن کي) ٻه ڄاڻي ٿو ۽ انهن کي ٻه (ڄاڻي ٿو،) جن پنهنجن ڀائرن کي چيو ته (پيغمبر ﷺ

هَلُمَّ اِلَيْنَا ۚ وَلَا يَاْتُوْنَ الْبَاْسَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٨﴾ اَشِحَّةً

کي ڇڏي) اسان ڏانهن هليا اچو ۽ اهي جهاد ۾ حصو نٿا وٺن، مگر ڪو ٿورو ﴿١٨﴾ (اهي غنيمت ۽ فتح جي

عَلَيْكُمْ ۚۖ فَاِذَا جَآءَ الْخَوْفُ رَاَيْتَهُمْ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ تَدُوْرُ

باري ۾) توهان تي بخيلي ڪن ٿا. جڏهن خوف (جي گهڙي) ايندي آهي، ڏسندو آهين ته توڏانهن ائين اکيون

اَعۡيُنُهُمۡ كَالَّذِىۡ يُغۡشٰى عَلَيۡهِ مِنَ الۡمَوۡتِ‌ۚ فَاِذَا ذَهَبَ الۡخَوۡفُ

ڦوباري نهاريندا آهن، جيئن اهو شخص نهاريندو آهي جنهن تي موت وکهي بيهوشيءَ جا دورا پوندا آهن.

سَلَقُوۡكُمۡ بِاَلۡسِنَةٍ حِدَادٍ اَشِحَّةً عَلَى الۡخَيۡرِ‌ؕ اُولٰۤٮِٕكَ لَمۡ

پوءِ جڏهن خوف، خطرو ختم ٿي ويندو آهي ۽ مال، متاع جي حرص سبب توهان تي تکيون زبانون ڪرتيندا

يُؤۡمِنُوۡا فَاَحۡبَطَ اللّٰهُ اَعۡمَالَهُمۡ‌ؕ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ

آهن. اهي ئي ماڻهو آهن جن (اندر ۾) ايمان نه آندو آهي، تنهن ڪري الله تعاليٰ سندن عمل ناس ڪري ڇڏيا ۽

يَسِيۡرًا ﴿١٩﴾ يَحۡسَبُوۡنَ الۡاَحۡزَابَ لَمۡ يَذۡهَبُوۡا‌ۚ وَاِنۡ يَّاۡتِ

اها ڳالهه الله لاءِ آسان آهي ﴿١٩﴾ (منافق سخت خوف ۽ بزدليءَ جي ڪري) ڀانئن ٿا ته اجا (دشمن) فوجون نه ويون آهن ۽

الۡاَحۡزَابُ يَوَدُّوۡا لَوۡ اَنَّهُمۡ بَادُوۡنَ فِى الۡاَعۡرَابِ يَسۡاَلُوۡنَ

جڏهن (ٻي ڀيري) فوجون اچي وڃن ته (منافق) گهرندا ته جيڪر ڳوٺاڻن علائقن ۾ هجن ها، توهان جي باري ۾

عَنۡ اَنۡۢبَآٮِٕكُمۡ‌ؕ وَلَوۡ كَانُوۡا فِيۡكُمۡ مَّا قٰتَلُوۡۤا اِلَّا قَلِيۡلًا ﴿٢٠﴾ ع ١٤ ١٨

خبرون چارون پڇندا رهن ها ۽ جيڪڏهن توهان سان گڏ هجن ها ته به ڪو ٿورو اچي وڙهن ها (ڏيکاءَ ۽ شهرت لاءِ) ﴿٢٠﴾

لَقَدۡ كَانَ لَكُمۡ فِىۡ رَسُوۡلِ اللّٰهِ اُسۡوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنۡ كَانَ

(اي مؤمنو!) بيشڪ توهان لاءِ (دشمن جي مقابلي ۾ ثابت قدم رهڻ جي سلسلي ۾) الله جي پيغمبر ۾ بهترين نمونو آهي،

يَرۡجُوا اللّٰهَ وَالۡيَوۡمَ الۡاٰخِرَ وَذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيۡرًا ﴿٢١﴾ؕ وَلَمَّا رَاَ

انهيءَ شخص لاءِ جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن (جي ملاقات جي) اميد رکي ٿو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪري ٿو ﴿٢١﴾ ۽ جڏهن

الۡمُؤۡمِنُوۡنَ الۡاَحۡزَابَ ۙ قَالُوۡا هٰذَا مَا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوۡلُهٗ وَ

مؤمن (ڪافرن جي) فوجن کي ڏٺو، چيائون ته الله ۽ سندس رسول اسان سان اهوئي وعدو ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن توهان

صَدَقَ اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ ز وَ مَا زَادَهُمْ اِلَّآ اِيْمَانًا وَّ

مصيبت تي صبر ڪندا ته توهان کي مدد يا جنت ملندي) ۽ الله ۽ سندس رسول سچ چيو ۽ (فوجن جي اچڻ ۽ سندن خوف) ڪين

تَسْلِيْمًا ﴿٢٢﴾ ط مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ رِجَالٌ صَدَقُوْا مَا عَاهَدُوا

رڳو ايمان ۽ فرمانبرداريءَ ۾ وڌايو ﴿٢٢﴾ مؤمنن مان ڪي مرد آهن، جن (حضرت محمد ﷺ جن جي مدد جي باري ۾) الله سان

اللّٰهَ عَلَيْهِ ج فَمِنْهُمْ مَّنْ قَضٰى نَحْبَهٗ وَ مِنْهُمْ مَّنْ

ڪيل پنهنجي وعدي کي سچو ڪري ڏيکاريو، پوءِ انهن مان ڪو آهي، جنهن پنهنجي نذر کي پورو ڪيو ۽ انهن مان ڪو آهي،

يَّنْتَظِرُ صلے وَ مَا بَدَّلُوْا تَبْدِيْلًا ﴿٢٣﴾ لا لِّيَجْزِيَ اللّٰهُ الصّٰدِقِيْنَ

جيڪو انهيءَ کي پورو ڪرڻ جي انتظار ۾ رهي ٿو ۽ انهن (پنهنجي عهد ۾) ڪا به ڦيرقار نه ڪئي ﴿٢٣﴾ جيئن الله سچن کي

بِصِدْقِهِمْ وَيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ اِنْ شَآءَ اَوْ يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ ط

سندن سچائيءَ جو بدلو (۽ برڪت) ڏئي ۽ جيڪڏهن گهري ته منافقن کي عذاب ڏي يا سندن توبه کي قبول ڪري. بيشڪ الله

اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٢٤﴾ ج وَرَدَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

تعاليٰ بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ﴿٢٤﴾ ۽ الله (مديني وٽان) ڪافرن (جي فوجن) کي ڪاوڙائي (يعني خوار ڪري)

بِغَيْظِهِمْ لَمْ يَنَالُوْا خَيْرًا ط وَكَفَى اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ الْقِتَالَ ط

موٽائي ڇڏيو. انهن ڪا ڀلائي (۽ ڪاميابي) حاصل نه ڪئي ۽ الله مؤمنن جي پاران (هوا ۽ فرشتن جي مدد وسيلي)

وَكَانَ اللّٰهُ قَوِيًّا عَزِيْزًا ﴿٢٥﴾ ج وَاَنْزَلَ الَّذِيْنَ ظَاهَرُوْهُمْ مِّنْ

جنگ لاءِ ڪافي ٿيو ۽ الله سگهارو، غالب آهي ﴿٢٥﴾ ۽ ڪتاب وارن مان جن (مشرڪن جي) مدد ڪئي، تن کي پنهنجن

اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ صَيَاصِيْهِمْ وَقَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ

قلعن مان ٻاهر ڪڍيائين (يعني بنو قريظه کي) ۽ سندن دلين ۾ رعب وڌائين جو انهن مان هڪڙي ٽوليءَ (يعني

فَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ وَ تَاْسِرُوْنَ فَرِيْقًا ﴿٢٦﴾ وَ اَوْرَثَكُمْ اَرْضَهُمْ

مردن) کي توهان قتل ڪري رهيا هئا ۽ هڪڙي ٽوليءَ (يعني عورتن ۽ ٻارن) کي قيد ڪري رهيا هئا ﴿٢٦﴾ ۽ (الله تعاليٰ)

وَ دِيَارَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ وَ اَرْضًا لَّمْ تَطَئُوْهَا ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ

توهان کي سندن سرزمين ۽ سندن گهرن ۽ سندن مالن ۽ انهيءَ زمين جو به وارث ڪيو، جتي توهان پير به نه پاتا هئا ۽

عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرًا ﴿٢٧﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ اِنْ

الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ﴿٢٧﴾ اي (واجب التعظيم) نبي (ﷺ)! پنهنجين زالن کي فرماءِ ته جيڪڏهن

كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتَهَا فَتَعَالَيْنَ اُمَتِّعْكُنَّ وَ

توهان دنيا جي زندگيءَ ۽ ان جو سينگار گهرو ٿيون ته پوءِ اچو ته توهان کي مال، متاع ڏئي سهڻي نموني سان (طلاق

اُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ﴿٢٨﴾ وَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ

ڏيئي) توهان کي رخصت ڪري ڇڏيان ﴿٢٨﴾ ۽ جيڪڏهن توهان الله ۽ سندس رسول ﷺ ۽ آخرت جو گهر،

وَ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ فَاِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْمُحْسِنٰتِ مِنْكُنَّ اَجْرًا

گهرو ٿيون ته پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ توهان مان نيڪي ڪندڙن لاءِ وڏو اجر تيار ڪري رکيو

عَظِيْمًا ﴿٢٩﴾ يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ مَنْ يَّاْتِ مِنْكُنَّ بِفَاحِشَةٍ

آهي ﴿٢٩﴾ اي نبيءَ (ﷺ) جون گهر واريون! توهان مان جيڪا به پڌري بيحيائيءَ (يعني بدڪاري

مُّبَيِّنَةٍ يُّضٰعَفْ لَهَا الْعَذَابُ ضِعْفَيْنِ ؕ وَ كَانَ ذٰلِكَ عَلَى

وغيره) جو ڪم ڪندي، تنهن کي (ٻين عورتن جي ڀيٽ ۾) ٻيڻو عذاب ڏنو ويندو ۽ اها ڳالهه

اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿٣٠﴾

الله تعاليٰ لاءِ آسان آهي ﴿٣٠﴾

وَمَنْ يَّقْنُتْ مِنْكُنَّ لِلّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ تَعْمَلْ صَالِحًا نُّؤْتِهَآ

۽ توهان مان جيڪا الله ۽ سندس رسول ﷺ جي فرمانبرداري ڪندي ۽ چڱا ڪم ڪندي، تنهن کي سندس ٻيڻو اجر

اَجْرَهَا مَرَّتَيْنِ ۙ وَ اَعْتَدْنَا لَهَا رِزْقًا كَرِيْمًا ﴿۳۱﴾ يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ

ڏينداسون ۽ اسان سندس لاءِ (بهشت ۾) عزت واري روزي تيار ڪئي آهي ﴿۳۱﴾ اي نبيءَ جون گهر واريون! توهان (مانَ

كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ فَيَطْمَعَ

مرتبي ۾) هڪ عام عورت وانگر نه آهيو. جيڪڏهن الله کان ڊڄو ٿيون ته (ڌارين مردن سان) نرميءَ سان نه ڳالهايو، نه ته جنهن جي

الَّذِيْ فِيْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ وَّ قُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿۳۲﴾ ج وَقَرْنَ فِيْ

دل ۾ (شڪ ۽ نفاق جي) بيماري آهي، سو (توهان ۾) طمع رکندو ۽ (اسلامي تعليم مطابق) سهٽي ڳالهه چئو ﴿۳۲﴾ ۽ پنهنجن گهرن

بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى وَاَقِمْنَ

۾ ٽڪيون رهو ۽ اڳئين جاهليت جي سينگار وانگر سينگار نه ڪريو ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽

الصَّلٰوةَ وَ اٰتِيْنَ الزَّكٰوةَ وَ اَطِعْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۭ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ

الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ جي فرمانبرداري ڪريو. (اي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جا) اهل بيت (۽ سندن گهر

لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ﴿۳۳﴾ ج

واريون!) دراصل الله گهري ٿو ته توهان کان پليتي ختم ڪري ۽ توهان کي پاڪ ڪري چڱيءَ طرح پاڪ ڪرڻ ﴿۳۳﴾

وَاذْكُرْنَ مَا يُتْلٰى فِيْ بُيُوْتِكُنَّ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ وَالْحِكْمَةِ ۭ اِنَّ

۽ توهان جي گهرن ۾ الله جون جيڪي آيتون ۽ حڪمت (يعني سنت رسول ﷺ ۽ صحيح حديثون) پڙهجن

اللّٰهَ كَانَ لَطِيْفًا خَبِيْرًا ﴿۳۴﴾ ع اِنَّ الْمُسْلِمِيْنَ وَ الْمُسْلِمٰتِ وَ

ٿيون، تن کي ياد ڪريو، بيشڪ الله مهربان، باخبر آهي ﴿۳۴﴾ بيشڪ مسلمان مرد ۽ مسلمان عورتون ۽ مؤمن

الجزء الثاني والعشرون (٢٢) ع ٤

الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ وَالْقٰنِتِيْنَ وَالْقٰنِتٰتِ وَالصّٰدِقِيْنَ وَ

مرد ۽ مؤمن عورتون ۽ اطاعت ڪندڙ مرد ۽ اطاعت ڪندڙ عورتون ۽ سچا مرد ۽ سچيون عورتون ۽ (اطاعت تي)

الصّٰدِقٰتِ وَالصّٰبِرِيْنَ وَالصّٰبِرٰتِ وَالْخٰشِعِيْنَ وَالْخٰشِعٰتِ وَ

صبر ڪندڙ مرد ۽ صبر ڪندڙ عورتون ۽ عاجزي ڪندڙ مرد ۽ عاجزي ڪندڙ عورتون ۽ خير خيرات ڏيندڙ مرد ۽ خير

الْمُتَصَدِّقِيْنَ وَالْمُتَصَدِّقٰتِ وَالصَّآئِمِيْنَ وَالصّٰٓئِمٰتِ وَالْحٰفِظِيْنَ

خيرات ڏيندڙ عورتون ۽ روزيدار مرد ۽ روزيدار عورتون ۽ پنهنجين اگهڙن جي حفاظت ڪندڙ مرد ۽ پنهنجين اگهڙن

فُرُوْجَهُمْ وَالْحٰفِظٰتِ وَالذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّالذّٰكِرٰتِ ۙ اَعَدَّ اللّٰهُ

جي حفاظت ڪندڙ عورتون ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندڙ مرد ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندڙ عورتون، انهن لاءِ الله تعاليٰ

لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٣٥﴾ وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا

بخشش ۽ اجر عظيم تيار ڪيو آهي ﴿٣٥﴾ ۽ ڪنهن مؤمن مرد ۽ ڪنهن مؤمن عورت کي نٿو جڳائي ته جڏهن الله ۽

قَضَى اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ وَمَنْ

سندس رسول ڪنهن ڪم جو فيصلو فرمائي ته (ان جي پيٽ ۾) انهن کي پنهنجن معاملي ۾ (ذاتي) اختيار هجي ۽

يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا ﴿٣٦﴾ وَ اِذْ تَقُوْلُ

جيڪو شخص الله ۽ سندس رسول جي نافرماني ڪندو، سو بيشڪ پڌري گمراهيءَ ۾ پيو ﴿٣٦﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!) اسان

لِلَّذِيْٓ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاَنْعَمْتَ عَلَيْهِ اَمْسِكْ عَلَيْكَ

جي حڪمت کي ياد ڪر) جڏهن انهيءَ شخص کي چئي رهيو هئين، جنهن کي الله (ايمان جي دولت ڏئي) مٿس

زَوْجَكَ وَاتَّقِ اللّٰهَ وَتُخْفِيْ فِيْ نَفْسِكَ مَا اللّٰهُ مُبْدِيْهِ وَتَخْشَى

احسان ڪيو ۽ تو به مٿس احسان ڪيو ته پنهنجي گهر واريءَ کي روڪ ۽ (ڪيس طلاق نه ڏي) ۽ الله کان ڊڄ ۽ پنهنجي دل ۾

النَّاسَ ج وَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشٰىهُ ط فَلَمَّا قَضٰى زَيْدٌ مِّنْهَا وَطَرًا

اها ڳالهه لڪائي رهيو هئين، جنهن کي الله ظاهر ڪندڙ هو ۽ تون ماڻهن کان ڊڄين ٿو (۽ حياءُ ڪرين ٿو) ۽ الله

زَوَّجْنٰكَهَا لِكَيْ لَا يَكُوْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ حَرَجٌ فِيْۤ اَزْوَاجِ اَدْعِيَآئِهِمْ

وڌيڪ حقدار آهي ته ان کان ڊڄين (۽ حياءُ ڪرين) پوءِ جڏهن زيد (رضي الله عنه) انهيءَ (يعني زينب رضي الله عنها) سان پنهنجي
حاجت پوري ڪئي (يعني ان کي طلاق ڏئي ڇڏيائين) ته اها عورت اسان توکي (نڪاح ۾) ڏئي ڇڏي، جيئن مؤمنن لاءِ پنهنجن

اِذَا قَضَوْا مِنْهُنَّ وَطَرًا ط وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ مَفْعُوْلًا ﴿٣٧﴾ مَا كَانَ عَلَى

پٽيلن جي طلاق ڏنل زالن سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪا تنگي نه رهي ۽ الله جو حڪم پورو ٿيڻو آهي ﴿٣٧﴾ الله، پيغمبر (ﷺ)

النَّبِيِّ مِنْ حَرَجٍ فِيْمَا فَرَضَ اللّٰهُ لَهٗ ط سُنَّةَ اللّٰهِ فِي الَّذِيْنَ

تي جيڪي ڪجهه فرض فرمايو آهي (يعني گهر وارين جي گهٽائي)، تنهن ۾ ڪا تنگي نه رکي آهي. اهوئي اڳين

خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ط وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ قَدَرًا مَّقْدُوْرًاۨ ﴿٣٨﴾ ۙ الَّذِيْنَ

(پيغمبرن جهڙوڪ دائود ۽ سليمان عليهما السلام) جي باري ۾ الله جو طريقو آهي ۽ الله جو فرمان مقرر ڪيل آهي ﴿٣٨﴾

يُبَلِّغُوْنَ رِسٰلٰتِ اللّٰهِ وَيَخْشَوْنَهٗ وَلَا يَخْشَوْنَ اَحَدًا اِلَّا اللّٰهَ ط وَ

جيڪي (پيغمبر سڳورا عليهم السلام) الله جا پيغام پهچائيندا آهن ۽ ان کان ڊڄندا آهن ۽ الله کان سواءِ ڪنهن

كَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ﴿٣٩﴾ مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ

کان نه ڊڄندا آهن ۽ الله حساب ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي ﴿٣٩﴾ حضرت محمد (مصطفيٰ ﷺ جن) توهان مان ڪنهن

وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ط وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ

هڪ مرد جا به پيءُ نه آهن ۽ پر پاڻ الله جو رسول ۽ خاتم النبيين (ﷺ) آهي ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ

عَلِيْمًا ﴿٤٠﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿٤١﴾ ۙ وَّ ع ٥ ٢

آهي ﴿٤٠﴾ اي ايمان وارو! الله کي ياد ڪريو، گهڻي ۾ گهڻو ياد ڪرڻ ﴿٤١﴾ ۽ صبح ۽ شام (جي وقتن ۾) سندس ٿي

سَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ﴿٤٢﴾ هُوَ الَّذِيْ يُصَلِّيْ عَلَيْكُمْ وَمَلٰٓئِكَتُهٗ

تسبيح ڪريو ﴿٤٢﴾ اهو (الله ئي) آهي، جيڪو توهان تي رحم ڪري ٿو ۽ فرشتا (بہ توهان لاءِ) بخشش گهرن ٿا، جيئن توهان

لِيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَكَانَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَحِيْمًا ﴿٤٣﴾

کي (جهالت ۽ ڪفر جي) اونداهين مان ڪڍي (اسلام ۽ يقين جي) نور ۾ آڻي ۽ (الله) مؤمنن تي مهربان آهي ﴿٤٣﴾

تَحِيَّتُهُمْ يَوْمَ يَلْقَوْنَهٗ سَلٰمٌ ۖۚ وَاَعَدَّ لَهُمْ اَجْرًا كَرِيْمًا ﴿٤٤﴾ يٰۤاَيُّهَا

جنهن ڏينهن الله سان ملندا، سندن ڪيڪارڻ "سلام، سلام" هوندو ۽ الله سندن لاءِ عزت وارو اجر تيار ڪيو آهي ﴿٤٤﴾ اي

النَّبِيُّ اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ﴿٤٥﴾ ۙ وَّدَاعِيًا اِلَى

نبي! بيشڪ اسان توکي شاهدي ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي ﴿٤٥﴾ ۽ الله ڏانهن ان

اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا ﴿٤٦﴾ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ

جي حڪم سان دعوت ڏيندڙ ۽ روشن چنڊ (ڪري موڪليو آهي) ﴿٤٦﴾ ۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏي تہ الله جي طرفان

مِّنَ اللّٰهِ فَضْلًا كَبِيْرًا ﴿٤٧﴾ وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَدَعْ

سندن لاءِ وڏو فضل (تيار) آهي ﴿٤٧﴾ ۽ ڪافرن ۽ منافقن جي تابعداري نہ ڪر ۽ سندن ايذاءَ تي صبر ڪر (تانجو اسان

اَذٰىهُمْ وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿٤٨﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ

جي طرفان جهاد جو حڪم اچي) ۽ الله تي ڀروسو رک ۽ الله ڪارساز ڪافي آهي ﴿٤٨﴾ اي ايمان وارو!

اٰمَنُوْۤا اِذَا نَكَحْتُمُ الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ

جڏهن مؤمن عورتن سان نڪاح ڪريو، پوءِ انهن کي هٿ لائڻ کان اڳ ۾ طلاق ڏيو تہ توهان لاءِ مٿن ڪا

تَمَسُّوْهُنَّ فَمَا لَكُمْ عَلَيْهِنَّ مِنْ عِدَّةٍ تَعْتَدُّوْنَهَا ۚ فَمَتِّعُوْهُنَّ وَ

عدت نہ آهي، جيڪا توهان انهن کان پوري ڪرايو. پوءِ ڪين (مهر کان سواءِ) ڪجهہ سامان ڏئي سهڻي

سَرِّحُوْهُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ﴿٤٩﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَحْلَلْنَا لَكَ اَزْوَاجَكَ

نمونى رخصت ڪريو ﴿٤٩﴾ اي نبي (ﷺ!) بيشڪ اسان حلال ڪيون آهن، تنهنجي لاءِ، تنهنجيون گهر واريون

الّٰتِيْٓ اٰتَيْتَ اُجُوْرَهُنَّ وَمَا مَلَكَتْ يَمِيْنُكَ مِمَّآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلَيْكَ وَ

جن کي تو مهر ڏنو ۽ (تنهنجيون اهي ٻانهيون) جن جو تنهنجو ساڄو هٿ مالڪ ٿيو آهي، (يعني) جيڪي عورتون الله

بَنٰتِ عَمِّكَ وَبَنٰتِ عَمّٰتِكَ وَبَنٰتِ خَالِكَ وَبَنٰتِ خٰلٰتِكَ الّٰتِيْ هَاجَرْنَ

توکي غنيمت ۾ بخشيون آهن ۽ تنهنجن چاچن جون ڌيئرون ۽ تنهنجي ڦڦين جون ڌيئرون (يعني بنو عبد

مَعَكَ ۫ وَامْرَاَةً مُّؤْمِنَةً اِنْ وَّهَبَتْ نَفْسَهَا لِلنَّبِيِّ اِنْ اَرَادَ النَّبِيُّ اَنْ

المطلب جون عورتون) ۽ تنهنجن مامن جون ڌيئرون ۽ تنهنجين ماسين جون ڌيئرون (يعني بنو زهره جون

يَّسْتَنْكِحَهَا ۗ خَالِصَةً لَّكَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۭ قَدْ عَلِمْنَا مَا فَرَضْنَا

عورتون)، جن توسان گڏجي هجرت ڪئي آهي ۽ هڪڙي مؤمن عورت، جيڪڏهن اها پاڻ کي پيغمبر (پاڪ ﷺ)

عَلَيْهِمْ فِيْٓ اَزْوَاجِهِمْ وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ لِكَيْلَا يَكُوْنَ عَلَيْكَ

لاءِ هبو ڪري، بشرطيڪ پيغمبر (ﷺ) ڪيس نڪاح ۾ آڻڻ گهري. (مهر ۽ گواهن کان سواءِ اهڙو نڪاح) مؤمنن جي بجاءِ
خالص تنهنجي لاءِ (حلال) آهي. بيشڪ جيڪي حڪم اسان مؤمنن تي سندن زالن ۽ سندن ٻانهين جي باري ۾ فرض ڪيا

حَرَجٌ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٥٠﴾ تُرْجِيْ مَنْ تَشَآءُ مِنْهُنَّ وَتُـْٔوِيْٓ

آهن، تن کي اسين ڄاڻون ٿا، جيئن توتي ڪا تنگي نه ٿئي ۽ الله بخشڻهار ، رحم ڪندڙ آهي ﴿٥٠﴾ (توکي هي ۽ به اختيار

اِلَيْكَ مَنْ تَشَآءُ ۭ وَمَنِ ابْتَغَيْتَ مِمَّنْ عَزَلْتَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكَ ۭ

آهي ته) انهن مان جنهن کي گهرين. (طلاق ڏئي) جدا ڪرين ۽ جدا ڪيلن مان جنهن کي طلب ڪرڻ گهرين ته به

ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَنْ تَقَرَّ اَعْيُنُهُنَّ وَلَا يَحْزَنَّ وَيَرْضَيْنَ بِمَآ اٰتَيْتَهُنَّ

توتي گناهه نه آهي. اها ڳالهه هن کي وڌيڪ ويجهي آهي ته سندن دليون ٺرن ۽ اهي رنج نه ٿين ۽ جيڪي

كُلُّهُنَّ ۭ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا فِيْ قُلُوْبِكُمْ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَلِيْمًا ﴿٥١﴾

كجهه تون كين ڏئين، سو وٽني سڀ راضي رهن ۽ جيكي كجهه توهان جي دلين ۾ آهي (يعني هك زال جي پيٽ ۾ ٻيءَ
لاءِ وڌيك ميل محبت رکڻ) تنهن كي الله ڄاڻي ٿو ۽ الله علم وارو (۽) حلم وارو (يعني سزا ڏيڻ ۾ دير كندڙ) آهي ﴿٥١﴾

لَا يَحِلُّ لَكَ النِّسَاۗءُ مِنْۢ بَعْدُ وَلَآ اَنْ تَبَدَّلَ بِهِنَّ مِنْ اَزْوَاجٍ

انهيءَ كان بعد تنهنجي لاءِ (ٻين) عورتن سان (نكاح) حلال نه آهي ۽ نه (تنهنجي لاءِ هيءَ ڳالهه حلال آهي ته) انهن

وَّلَوْ اَعْجَبَكَ حُسْنُهُنَّ اِلَّا مَا مَلَكَتْ يَمِيْنُكَ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰي كُلِّ

زالن جي بدلي ۾ كنهن ٻيءَ كي آڻين، جيتوڻيك توكي سندن سونهن وڻندي هجي، مگر جيكي

شَيْءٍ رَّقِيْبًا ﴿٥٢﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُيُوْتَ النَّبِيِّ اِلَّآ ع

تنهنجون ٻانهيون آهن ۽ الله هر شيءِ تي نگران آهي ﴿٥٢﴾ اي ايمان وارو! پيغمبر جي گهر ۾ داخل نه ٿيو،

اَنْ يُّؤْذَنَ لَكُمْ اِلٰى طَعَامٍ غَيْرَ نٰظِرِيْنَ اِنٰىهُ ۙ وَلٰكِنْ اِذَا

مگر جڏهن توهان كي كاڌي لاءِ سڏجي ۽ ان جي پچڻ جو انتظار به نه كرڻو پوي. پوءِ جڏهن توهان كي سڏجي ته داخل

دُعِيْتُمْ فَادْخُلُوْا فَاِذَا طَعِمْتُمْ فَانْتَشِرُوْا وَلَا مُسْتَاْنِسِيْنَ

ٿيو. پوءِ جڏهن كاڌو كائي چكو ته اٿي هليا وڃو ۽ ڳالهين ۾ مشغول ٿي اتي ويهي نه رهو. اها ڳالهه

لِحَدِيْثٍ ۭ اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ يُؤْذِي النَّبِيَّ فَيَسْتَحْيٖ مِنْكُمْ ۡ وَاللّٰهُ لَا

پيغمبر (ﷺ) كي تكليف ڏي ٿي، پوءِ هو توهان كان حياءُ كري ٿو ۽ الله حق ڳالهه چوڻ كان حياءُ نٿو كري

يَسْتَحْيٖ مِنَ الْحَقِّ ۭ وَاِذَا سَاَلْتُمُوْهُنَّ مَتَاعًا فَسْـَٔــلُوْهُنَّ مِنْ وَّرَاۗءِ

۽ جڏهن انهن كان ضرورت جو كو سامان گهرو ته پردي جي پويان گهرو. اهو كم توهان جي دلين لاءِ

حِجَابٍ ۭ ذٰلِكُمْ اَطْهَرُ لِقُلُوْبِكُمْ وَقُلُوْبِهِنَّ ۭ وَمَا كَانَ لَكُمْ اَنْ

به ۽ انهن جي دلين لاءِ به وڌيك پاك آهي ۽ (اي مؤمنو!) توهان كي نٿو سونهي ته الله جي رسول (ﷺ) كي

تُؤْذُوْا رَسُوْلَ اللّٰهِ وَلَاۤ اَنْ تَنْكِحُوْۤا اَزْوَاجَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖۤ اَبَدًا ؕ اِنَّ

ايذاءُ ڏيو ۽ نه (توهان کي اها ڳالهه جڳائي ٿي ته) ان کان پوءِ سندس گهر وارين سان ڪڏهن به نڪاح ڪريو. بيشڪ

ذٰلِكُمْ كَانَ عِنْدَ اللّٰهِ عَظِيْمًا ۝٥٣ اِنْ تُبْدُوْا شَيْـًٔا اَوْ تُخْفُوْهُ

توهان جو اهو ڪم الله تعاليٰ وٽ وڏو (گناه جو ڪم) آهي ۝٥٣ جيڪڏهن ڪا شيءِ ظاهر ڪريو، يا انهيءَ کي

فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِيْمًا ۝٥٤ لَا جُنَاحَ عَلَيْهِنَّ فِیْۤ

لڪايو ته بيشڪ الله تعاليٰ هر هڪ شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ۝٥٤ ۽ انهن (عورتن) تي پنهنجن پيئرن

اٰبَآئِهِنَّ وَلَاۤ اَبْنَآئِهِنَّ وَلَاۤ اِخْوَانِهِنَّ وَلَاۤ اَبْنَآءِ اِخْوَانِهِنَّ وَلَاۤ

۽ پنهنجن پٽرن ۽ پنهنجن ڀائرن ۽ پنهنجن ڀائٽينجن ۽ ڀاڻ (ڀڄڙين) عورتن ۽ پنهنجين ٻانهين کان

اَبْنَآءِ اَخَوٰتِهِنَّ وَلَا نِسَآئِهِنَّ وَلَا مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ ۚ وَاتَّقِيْنَ

پردو نه ڪرڻ جي باري ۾ ڪو حرج (يعني ڪنهن قسم جو گناه) نه آهي ۽ الله تعاليٰ کان ڊڄو. بيشڪ

اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ شَهِيْدًا ۝٥٥ اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ

الله هر هڪ شيءِ تي نگران آهي ۝٥٥ بيشڪ الله ۽ سندس فرشتا پيغمبر (ﷺ) تي درود (يعني صلوٰة

يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِیِّ ؕ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا

سڳوري) پڙهن ٿا. اي مؤمنو! توهان به مٿس درود (يعني صلوٰة) ۽ سلام پڙهو (۽ سندن چڱيءَ طرح

تَسْلِيْمًا ۝٥٦ اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِی

تابعداري ڪريو) ۝٥٦ بيشڪ جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسول (ﷺ) کي ايذائي رهيا آهن، الله تعاليٰ انهن

الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا ۝٥٧ وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ

تي دنيا ۽ آخرت (ٻنهي جهانن) ۾ لعنت وڌي آهي ۽ سندن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب تيار ڪيو آهي ۝٥٧ ۽ جيڪي

الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ بِغَيْرِ مَا اكْتَسَبُوْا فَقَدِ احْتَمَلُوْا بُهْتَانًا وَّ

ماڻهو مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي ناحق ايذائي رهيا آهن، تحقيق انهن پنهنجي مٿان بهتان ۽ پڌري گناه

اِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿۵۸﴾ ع يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ وَبَنٰتِكَ وَنِسَآءِ

جو بار کنيو ﴿۵۸﴾ اي نبي (ﷺ!) پنهنجين زالن ۽ پنهنجين ڌيئرن ۽ مؤمنن جي عورتن کي فرماءِ ته (پانهين جي

الْمُؤْمِنِيْنَ يُدْنِيْنَ عَلَيْهِنَّ مِنْ جَلَابِيْبِهِنَّ ؕ ذٰلِكَ اَدْنٰۤى اَنْ يُّعْرَفْنَ

ابتڙ) پاڻ تي چادرون وجهن، اهو گهڻو سڃاڻپ کي ويجهو آهي (ته اهي پانهيون نه آهن) پوءِ کين ايذايو نه وڃي ۽

فَلَا يُؤْذَيْنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۵۹﴾ لَئِنْ لَّمْ يَنْتَهِ الْمُنٰفِقُوْنَ

الله (اڳين گناهن لاءِ) بخشڻهار (۽ فرمانبردارن تي) رحم ڪندڙ آهي ﴿۵۹﴾ جيڪڏهن منافق ۽ جن جي دلين ۾ بيماري

وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْمُرْجِفُوْنَ فِي الْمَدِيْنَةِ لَنُغْرِيَنَّكَ

(يعني فسق ۽ زنا جي رغبت) آهي ۽ جيڪي مديني ۾ (ڪوڙيون ڳالهيون پکيڙي مؤمنن ۾ خوف وجهن ٿا)، باز نه آيا ته

بِهِمْ ثُمَّ لَا يُجَاوِرُوْنَكَ فِيْهَاۤ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۶۰﴾ صلے ج مَّلْعُوْنِيْنَ ج اَيْنَمَا

ضرور اسان توکي مٿن مسلط ڪنداسون. پوءِ اهي تنهنجي پاڙي ۾ رهي نه سگهندا، مگر ٿورا (ڏينهن) ﴿۶۰﴾ لعنت ڪيل

ثُقِفُوْۤا اُخِذُوْا وَقُتِّلُوْا تَقْتِيْلًا ﴿۶۱﴾ سُنَّةَ اللّٰهِ فِي الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ

آهن، جتي به لڌا وڃن، کين پڪڙيو وڃي ۽ چڱيءَ طرح کين قتل ڪيو وڃي ﴿۶۱﴾ اڳ ۾ گذريل (نبين سڳورن جي

قَبْلُ ج وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّةِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ﴿۶۲﴾ يَسْـَٔلُكَ النَّاسُ عَنِ السَّاعَةِ ط

زماني ۾ منافقن ۽ مؤمنن ۾ خوف وجهندڙ بين ماڻهن) جي باري ۾ الله تعاليٰ جو اهوئي طريقو رهيو آهي (ته اهي

جتي به لڌا وڃن، کين قتل ڪيو وڃي) ۽ الله جي طريقي ۾ هرگز ڪا ڦيرڦار نه لهندين ﴿۶۲﴾ (مشرڪ ۽ يهودي ٽوليون

قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَمَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ تَكُوْنُ

ڪنديون) توکان قيامت جي باري ۾ پڇا ڪن ٿا. فرماءِ ته ان جو علم الله وٽ آهي ۽ توکي ڪهڙي خبر ته شايد قيامت

ع ۸

معانقة ۱۲ عند المتاخرين

الربع

قَرِيْبًا ﴿٦٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَعَنَ الْكٰفِرِيْنَ وَاَعَدَّ لَهُمْ سَعِيْرًا ﴿٦٤﴾ خٰلِدِيْنَ

ويجهي هجي ﴿٦٣﴾ بيشڪ الله ڪافرن تي لعنت ڪئي ۽ سندن لاءِ باهه جو عذاب تيار ڪيو آهي ﴿٦٤﴾ منجهس سدائين رهڻ وارا

فِيْهَآ اَبَدًا ۚ لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿٦٥﴾ يَوْمَ تُقَلَّبُ وُجُوْهُهُمْ فِي

آهن، نه ڪنهن کي دوست لهندا ۽ نه ڪنهن کي مددگار لهندا ﴿٦٥﴾ (انهيءَ) ڏينهن سندن منهن کي (هڪ حالت مان ٻيءَ

النَّارِ يَقُوْلُوْنَ يٰلَيْتَنَآ اَطَعْنَا اللّٰهَ وَاَطَعْنَا الرَّسُوْلَا ﴿٦٦﴾ وَقَالُوْا رَبَّنَآ

حالت ۾ ۽ اڳيان پويان) باهه ۾ وڌو ويندو. چوندا ته جيڪر اسان الله ۽ پيغمبر (ﷺ) جي فرمانبرداري ڪريون ها ﴿٦٦﴾ ۽ چوندا

اِنَّآ اَطَعْنَا سَادَتَنَا وَكُبَرَآءَنَا فَاَضَلُّوْنَا السَّبِيْلَا ﴿٦٧﴾ رَبَّنَآ اٰتِهِمْ

ته ربّ اسان جا! بيشڪ اسان (گمراهيءَ ۽ شرڪ ۾) پنهنجن سردارن ۽ پنهنجن وڏن جي پيروي ڪئي، پوءِ انهن اسان

ضِعْفَيْنِ مِنَ الْعَذَابِ وَالْعَنْهُمْ لَعْنًا كَبِيْرًا ﴿٦٨﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ ٨ ع ١٠ ٥

کي (سڌيءَ) واٽ کان گمراهه ڪري ڇڏيو ﴿٦٧﴾ ربّ اسان جا! انهن کي ٻيڻو عذاب ڏي ۽ انهن تي لعنت ڪر، تمام وڏي
لعنت ڪرڻ ﴿٦٨﴾ اي ايمان وارو! انهن وانگر نه ٿيو جن موسىٰ کي ايذايو (ته ڪيس خصين يا برص جي بيماري آهي،

اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ اٰذَوْا مُوْسٰى فَبَرَّاَهُ اللّٰهُ مِمَّا قَالُوْا ۭ

يا اهو هارون جو قاتل آهي، يا چريو آهي.) پوءِ الله تعاليٰ سندن چيل ڳالهين کان ڪيس پاڪ ثابت

وَكَانَ عِنْدَ اللّٰهِ وَجِيْهًا ﴿٦٩﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ

ڪيو ۽ اهو الله وٽ مقرّب ۽ عزّت وارو آهي ﴿٦٩﴾ اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ سڌي

وَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ﴿٧٠﴾ يُّصْلِحْ لَكُمْ اَعْمَالَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ

ڳالهه چئو ﴿٧٠﴾ (اهڙيءَ طرح الله) توهان جي عملن کي سڌاريندو ۽ توهان جا گناهه بخشيندو ۽ جيڪو الله ۽ سندس رسول

ذُنُوْبَكُمْ ۭ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧١﴾

جي فرمانبرداري ڪندو، پوءِ بيشڪ انهيءَ ڪاميابي حاصل ڪئي، وڏي ڪاميابي حاصل ڪرڻ ﴿٧١﴾

إِنَّا عَرَضْنَا الْأَمَانَةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ وَالْجِبَالِ

بيشڪ اسان امانت (يعني فرضن، حقن، وعده وفائي ۽ راز کي ڳجهو رکڻ جي حڪمن) کي آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن

فَأَبَيْنَ أَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَأَشْفَقْنَ مِنْهَا وَحَمَلَهَا الْإِنْسَانُ ط

تي پيش ڪيو (ته جيڪڏهن چڱا عمل ڪندا ته ثواب لهندا ۽ خيانت ڪندا ته عذاب پوڳيندا) پوءِ انهن امانت کڻڻ کان انڪار

إِنَّهُ كَانَ ظَلُومًا جَهُولًا ﴿٧٢﴾ لِّيُعَذِّبَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ

ڪيو ۽ ان کان ڏڄي ويا ۽ انسان ان کي کنيو، بيشڪ انسان ظالم ۽ اڻ ڄاڻ آهي ﴿٧٢﴾ ته جيئن الله منافق مردن ۽ منافق

الْمُنٰفِقٰتِ وَالْمُشْرِكِيْنَ وَالْمُشْرِكٰتِ وَيَتُوْبَ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ

عورتن ۽ مشرڪ مردن ۽ مشرڪ عورتن کي عذاب ڪري ۽ الله تعاليٰ مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي توبه جي

وَالْمُؤْمِنٰتِ ط وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٧٣﴾ ع

توفيق عطا فرمائي ۽ الله بخشڻھار رحم ڪندڙ آهي ﴿٧٣﴾

اٰيَاتُهَا ٥٤ (٣٤) سُوْرَةُ سَبَاٍ مَّكِّيَّةٌ (٥٨) رُكُوْعَاتُهَا ٦

سورة السبا مڪي آهي. هن ۾ چوونجاهه آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو هر خاص ۽ عام کي روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ وَلَهُ الْحَمْدُ

سڀ ساراهه (۽ شڪر) الله لاءِ آهي (اهو الله)، جنهن لاءِ اهو سڀ ڪجهه آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾

فِي الْاٰخِرَةِ ط وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿١﴾ يَعْلَمُ مَا يَلِجُ فِي الْأَرْضِ وَمَا

آهي ۽ آخرت ۾ به سندس ئي ساراهه (۽ شڪر) آهي ۽ اهوئي حڪمت وارو، باخبر آهي ﴿١﴾ (الله) ڄاڻي ٿو جيڪي

يَخْرُجُ مِنْهَا وَمَا يَنْزِلُ مِنَ السَّمَآءِ وَمَا يَعْرُجُ فِيْهَاؕ وَهُوَ الرَّحِيْمُ

زمين ۾ داخل ٿئي ٿو (يعني پاڻي ۽ رزق) ۽ جيڪي ان مان نڪري ٿو (يعني اوپڙ) ۽ جيڪي آسمان مان لهي ٿو (يعني

الْغَفُوْرُ ﴿٢﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَاْتِيْنَا السَّاعَةُؕ قُلْ بَلٰى وَ

برسات) ۽ جيڪي منجهس چڙهي ٿو (يعني فرشتا) ۽ اهو ئي رحم ڪندڙ بخشڻهار آهي ﴿٢﴾ ۽ جيڪي ڪافر ٿيا، سي

رَبِّيْ لَتَاْتِيَنَّكُمْۙ عٰلِمِ الْغَيْبِۚ لَا يَعْزُبُ عَنْهُ مِثْقَالُ ذَرَّةٍ فِي

چون ٿا ته اسان تي قيامت نه ايندي. (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته هائو! ضرور اها توهان تي ايندي، مون کي ڳجهه جو علم

السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ وَلَآ اَصْغَرُ مِنْ ذٰلِكَ وَلَآ اَكْبَرُ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ

رکندڙ، پنهنجي ربّ جو قسم! جنهن کان آسمانن ۽ زمين جي ذري برابر شيءِ به ۽ نه ان کان ننڍي ۽ نه ان کان وڏي

مُّبِيْنٍ ﴿٣﴾ۙ لِّيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ

شيءِ ڳجهي نٿي رهي، مگر اها روشن ڪتاب (يعني لوح محفوظ) ۾ آهي ﴿٣﴾ جيئن (الله) بدلو ڏي انهن ماڻهن کي جن

مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٤﴾ وَالَّذِيْنَ سَعَوْ فِيْٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ

ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ سندن ئي لاءِ بخشش ۽ عزت جي روزي آهي ﴿٤﴾ ۽ جن اسان جي (توحيد جي دليلن

لَهُمْ عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ ﴿٥﴾ وَيَرَى الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ الَّذِيْٓ

۽) آيتن کي عاجز ڪرڻ (۽ بيِن کي ان کان روڪڻ) جي ڪوشش ڪئي، اهي ئي ماڻهو آهن، جن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب
جي سزا آهي ﴿٥﴾ ۽ جن ماڻهن کي علم ڏنو ويو (يعني ڪتاب وارا يهودي ۽ عيسائي.) اهي ڄاڻن ٿا ته توتي پنهنجي

اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ هُوَ الْحَقَّۙ وَيَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ

ربّ جي پاران جيڪي ڪجهه نازل ڪيو ويو آهي، اهو ئي برحقّ آهي ۽ اهو (قرآن) غالب ساراهيل (الله پاڪ) جو رستو

الْحَمِيْدِ ﴿٦﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا هَلْ نَدُلُّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ يُّنَبِّئُكُمْ

ڏيکاري ٿو ﴿٦﴾ ۽ (مڪي جي قريش مان) جن ماڻهن ڪفر ڪيو، تن (هڪ ٻئي سان ٺٺوليون ڪندي) چيو ته ڇا توهان کي

إِذَا مُزِّقْتُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ ۙ إِنَّكُمْ لَفِي خَلْقٍ جَدِيدٍ ۚ ⑦ أَفْتَرَىٰ عَلَى

هڪ اهڙي شخص جي باري ۾ ٻڌايون، جيڪو توهان کي خبر ڏئي ٿو تہ جڏهن توهان (مري ڳري) ذرا پرزا ٿي ويندا
تڏهن بہ واقعي توهان کي نئين سر پيدا ڪيو ويندو⑦ يا تہ انهيءَ (يعني نبي ڪريم ﷺ) الله تي ڪوڙو بهتان هڻيو

اللَّهِ كَذِبًا أَمْ بِهِ جِنَّةٌ ۗ بَلِ الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ فِي الْعَذَابِ

آهي، يا وري اهو ڪو چريو شخص آهي. بلڪ جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا آڻن، اهي عذاب ۽ ڏورانهين

وَالضَّلَالِ الْبَعِيدِ ⑧ أَفَلَمْ يَرَوْا إِلَىٰ مَا بَيْنَ أَيْدِيهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ مِنَ

گمراهيءَ ۾ (ڦاٿل) آهن ⑧ ڇا جيڪي سندن اڳيان ۽ جيڪي سندن پويان (يعني) آسمان ۽ زمين ۾ آهي، تن کي

السَّمَاءِ وَالْأَرْضِ ۚ إِنْ نَشَأْ نَخْسِفْ بِهِمُ الْأَرْضَ أَوْ نُسْقِطْ عَلَيْهِمْ

نٿا ڏسن؟ جيڪڏهن اسين گهرون تہ کين زمين ۾ ڳهائي ڇڏيون يا مٿن آسمان تان ڇپ ڪيرايون. بيشڪ ان ۾ هر

كِسَفًا مِنَ السَّمَاءِ ۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً لِكُلِّ عَبْدٍ مُنِيبٍ ⑨ وَلَقَدْ ع

رجوع ڪندڙ ٻانهي جي لاءِ يقيناً هڪ نشاني آهي ⑨ ۽ بيشڪ اسان دائود (عليه السلام) کي (پنهنجي غيبي خزاني مان)

آتَيْنَا دَاوُودَ مِنَّا فَضْلًا ۖ يَا جِبَالُ أَوِّبِي مَعَهُ وَالطَّيْرَ ۖ وَأَلَنَّا لَهُ

پنهنجي طرفان فضيلت بخشي. (چيوسون تہ) اي جبلو! دائود (عليه السلام) سان گڏ تسبيح ڪريو ۽ پکين کي (بہ سندس لاءِ
فرمانبردار ڪري ڇڏيوسين) ۽ سندس لاءِ لوهہ کي (گوهيل پاروٽي اٽي وانگر) نرم ڪيوسون ⑩ (۽ ڏانهنس وحي ڪيو

الْحَدِيدَ ⑩ أَنِ اعْمَلْ سَابِغَاتٍ وَقَدِّرْ فِي السَّرْدِ ۖ وَاعْمَلُوا صَالِحًا ۖ

سون) تہ ڪشاديون زرهون جوڙ ۽ ڪڙيءَ کي ڪڙي ۾ ملاءِ ۽ چڱا عمل ڪريو. بيشڪ جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، تن

إِنِّي بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرٌ ⑪ وَلِسُلَيْمَانَ الرِّيحَ غُدُوُّهَا شَهْرٌ وَرَوَاحُهَا

کي آءٌ ڏسندڙ آهيان ⑪ ۽ سليمان لاءِ هوا کي تابع ڪيوسون. جيڪا هڪ مهيني جو مفاصلو صبح جي جهٽ پل ۾ ۽

شَهْرٌ ۖ وَأَسَلْنَا لَهُ عَيْنَ الْقِطْرِ ۖ وَمِنَ الْجِنِّ مَنْ يَعْمَلُ بَيْنَ يَدَيْهِ

هڪ مهيني جو مفاصلو شام جي جهٽ پل ۾ طي ڪندي هئي ۽ سندس لاءِ ٽامي جو چشمو وهايوسون ۽ جنن مان

بِاِذْنِ رَبِّهٖ ؕ وَمَنْ يَّزِغْ مِنْهُمْ عَنْ اَمْرِنَا نُذِقْهُ مِنْ عَذَابِ السَّعِيْرِ ﴿١٢﴾

ڪي اهڙا هئا، جيڪي سندس ربّ جي حڪم سان سندس سامهون ڪم ڪندا هئا ۽ انهن مان جيڪو اسان جي حڪم کان منهن
موڙي ها، تنهن کي ساڙيندڙ باهه جو عذاب چکايون ها ﴿١٢﴾ (سليمان عليه السلام) جيڪي ڪجهه گهرندو هو، جنّ سندس لاءِ اهي

يَعْمَلُوْنَ لَهٗ مَا يَشَآءُ مِنْ مَّحَارِيْبَ وَتَمَاثِيْلَ وَجِفَانٍ كَالْجَوَابِ وَقُدُوْرٍ

ڪم ڪندا هئا، يعني شاندار مسجدون ۽ عمارتون ۽ (مسجدن ۾) تصويرون ٺاهيندا هئا، (جيڪي سندن شريعت ۾ حلال هيون)
۽ حوضن جيڏا وڏا وڏا پيالا ٺاهيندا هئا (هر پيالي مان هزار ماڻهو ويهي کائيندا هئا) ۽ وڏيون مضبوط ديڳيون ٺاهيندا

رّٰسِيٰتٍ ؕ اِعْمَلُوْٓا اٰلَ دَاوٗدَ شُكْرًا ؕ وَقَلِيْلٌ مِّنْ عِبَادِيَ الشَّكُوْرُ ﴿١٣﴾

هئا، جن کي مٿي ڪٽڻ لاءِ چوري ۾ نه سگهبو هو (چيوسون ته) دائود جا اولاد! (الله جي فرمانبرداري ۽) شڪراني جا ڪم ڪريو ۽ منهنجن
ٻانهن مان ٿورا ماڻهو شڪر ڪندڙ آهن ﴿١٣﴾ پوءِ جڏهن سليمان کي موت ڏنوسون ته (الله) اڏوهيءَ کانسواءِ انهن مان ڪنهن کي سندس

فَلَمَّا قَضَيْنَا عَلَيْهِ الْمَوْتَ مَا دَلَّهُمْ عَلٰى مَوْتِهٖٓ اِلَّا دَآبَّةُ الْاَرْضِ تَاْكُلُ

موت جي باري ۾ سُڌ نه ڪئي (اڏوهي هڪ سال تائين) سندس لٺ کي کائيندي رهي. پوءِ جڏهن سليمان (عليه السلام) ڪري پيو

مِنْسَاَتَهٗ ۚ فَلَمَّا خَرَّ تَبَيَّنَتِ الْجِنُّ اَنْ لَّوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ الْغَيْبَ مَا

تي پيو، تڏهن جنن تي پڌرو ٿيو ته جيڪڏهن اهي ڳجهه ڄاڻن ها ته (سليمان جي موت کان پوءِ سڄو سال ائين) خوار ڪندڙ عذاب

لَبِثُوْا فِي الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ ﴿١٤﴾ لَقَدْ كَانَ لِسَبَاٍ فِيْ مَسْكَنِهِمْ اٰيَةٌ ۚ

۾ نه رهن ها ﴿١٤﴾ بيشڪ سبا (وارن) ۾ (الله جي قدرت جي نشانين مان) هڪڙي نشاني آهي. (سندن) ساڄي ۽ کاٻي پاسي ۾

جَنَّتٰنِ عَنْ يَّمِيْنٍ وَّشِمَالٍ ؕ۬ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِ رَبِّكُمْ وَاشْكُرُوْا

باغ هئا (اهڙا سنا باغ ڪٿي نه هئا. چيوسون ته) پنهنجي ربّ جو رزق کائو ۽ سندس شڪر ڪريو. (توهان جو شهر به) سٺو شهر

لَهٗ ؕ بَلْدَةٌ طَيِّبَةٌ وَّرَبٌّ غَفُوْرٌ ﴿١٥﴾ فَاَعْرَضُوْا فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ سَيْلَ

آهي (ان مان فائدو وٺو) ۽ ربّ به بخشڻهار آهي ﴿١٥﴾ پوءِ (الله جي فرمانبرداريءَ کان) منهن موڙيائون، پوءِ اسان انهن تي (ارم

الْعَرِمِ وَبَدَّلْنٰهُمْ بِجَنَّتَيْهِمْ جَنَّتَيْنِ ذَوَاتَيْ اُكُلٍ خَمْطٍ وَّاَثْلٍ وَّشَيْءٍ

نالي ديم مان) هڪ زبردست ٻوڏ موڪلي ۽ سندن ٻنهي باغن کي اهڙن ٻن باغن ۾ مَٽائي ڇڏيوسون، جن ۾ ڪوڙا، ڪسارا ميوا

مِّنْ سِدْرٍ قَلِيْلٍ ﴿١٦﴾ ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِمَا كَفَرُوْا ؕ وَهَلْ نُجٰزِيْٓ اِلَّا الْكَفُوْرَ ﴿١٧﴾

۽ لَيُن ۽ ٻير جا ڪجهہ ٿورا وڻ هئا ﴿١٦﴾ ڪين سندن ڪفر جو اهو بدلو ڏنوسون ۽ اسين سزا رڳو ناشڪرن کي ڏيندا آهيون ﴿١٧﴾

وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ الْقُرَى الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا قُرًى ظَاهِرَةً وَّقَدَّرْنَا

۽ سندن وسندين ۽ برڪت پريل ڳوٺن جي وچ ۾، هڪ ٻئي سان لڳولڳ ڪي ٻيا (سهڻا، ساوڪ ۽ رونق وارا) ڳوٺ آباد ڪيا هئاسون،

فِيْهَا السَّيْرَ ؕ سِيْرُوْا فِيْهَا لَيَالِيَ وَاَيَّامًا اٰمِنِيْنَ ﴿١٨﴾ فَقَالُوْا رَبَّنَا بٰعِدْ

جيڪي (پري ڪان) پڌرا نظر ايندا هئا ۽ انهن ۾ منزلون مقرر ڪيون سين (چيوسون تہ) منجهن رات ڏينهن (اڄ، بڪ ۽ دشمن ڪان)

بَيْنَ اَسْفَارِنَا وَظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَجَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ وَمَزَّقْنٰهُمْ كُلَّ

بيخوف ٿي اچ وڃ رکو ﴿١٨﴾ پوءِ (هنن ۽ وڏائيءَ وچان) چيائون تہ ربّ اسان جا! اسان جي مسافرين جي وچ ۾ دوري قائم ڪر ۽
انهن پاڻ تي ظلم ڪيو. پوءِ ڪين (عبرتناڪ) آکاڻيون ڪري ڇڏيوسون ۽ ڪين چني چڙوچڙ ڪري ڇڏيوسون. بيشڪ انهيءَ ۾

مُمَزَّقٍ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿١٩﴾ وَلَقَدْ صَدَّقَ عَلَيْهِمْ

هر صبر ۽ شڪر ڪندڙ لاءِ نشانيون آهن ﴿١٩﴾ ۽ بيشڪ ابليس سندن باري ۾ پنهنجو گمان سچو ثابت ڪيو (تہ ضرور ڪين

اِبْلِيْسُ ظَنَّهٗ فَاتَّبَعُوْهُ اِلَّا فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَمَا كَانَ لَهٗ عَلَيْهِمْ

گمراه ڪندس) پوءِ مؤمنن جي هڪڙي ٽولي ڪان سواءِ (سڀني) سندس پيروي ڪئي ﴿٢٠﴾ ۽ متن ابليس جي ڪا حجت نہ

مِّنْ سُلْطٰنٍ اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يُّؤْمِنُ بِالْاٰخِرَةِ مِمَّنْ هُوَ مِنْهَا فِيْ شَكٍّ ؕ وَ

هئي، (جنهن جي زور تي ڪين پنهنجو فرمانبردار ڪري ها)، مگر جيئن ڄاڻون تہ جيڪي ماڻهو آخرت جي باري ۾
شڪ ڪن ٿا، تن مان ڪير آهي، جيڪو آخرت تي ايمان آڻي ٿو ۽ تنهنجو ربّ هر شيءِ جي حفاظت ڪندڙ آهي ﴿٢١﴾ (اي

رَبُّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ حَفِيْظٌ ﴿٢١﴾ ع قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِ ع ١٢ / ٨

محمد ﷺ! مشرڪن کي) فرماءِ تہ توهان الله ڪان سواءِ جن کي (پنهنجو معبود) ڀانيو ٿا، تن کي سڏيو (تہ ڀلي توهان تان

اللّٰهِ ۚ لَا يَمْلِكُوْنَ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ وَمَا لَهُمْ

ڏکار ۽ تنگيءَ کي هٽائين ۽ الله وٽ توهان جي شفاعت ڪن. دراصل) اهي آسمانن ۽ زمين ۾ ذري برابر بہ ڪنهن

فِيْهِمَا مِنْ شِرْكٍ وَّمَا لَهٗ مِنْهُمْ مِّنْ ظَهِيْرٍ ﴿٢٢﴾ وَلَا تَنْفَعُ الشَّفَاعَةُ

شيءِ جا بہ مالک نہ آهن ۽ نہ ئي منجهن سندن ڪا ڀائيواري آهي ۽ نڪي انهن مان ڪو الله جو مددگار آهي ﴿٢٢﴾ نڪي
الله وٽ (انهن جي) شفاعت ڪو فائدو ڏيندي آهي، مگر جنهن لاءِ الله اجازت ڏئي. تانجو جڏهن سندن دلين مان

عِنْدَهٗٓ اِلَّا لِمَنْ اَذِنَ لَهٗ ؕ حَتّٰٓى اِذَا فُزِّعَ عَنْ قُلُوْبِهِمْ قَالُوْا مَاذَا ۙ

گهٻراهٽ ختم ٿي ويندي آهي (تہ هڪ ٻئي کي) چوندا آهن تہ (شفاعت جي سلسلي ۾) توهان جي ربّ ڇا فرمايو؟

قَالَ رَبُّكُمْ ؕ قَالُوا الْحَقَّ ۚ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿٢٣﴾ قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ

چوندا آهن تہ سچ (فرمايائين ۽ شفاعت جي اجازت بہ ان شخص لاءِ ڏيندو، جنهن کي پسند ڪندو آهي) ۽ اهوئي مٿانهون (۽
وڏي (شان وارو) آهي ﴿٢٣﴾ (اي محمد ﷺ! انهن کي) فرماءِ تہ توهان کي (برسات جي ذريعي) آسمانن مان ۽ (پيداوار

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ قُلِ اللّٰهُ ۙ وَاِنَّآ اَوْ اِيَّاكُمْ لَعَلٰى هُدًى اَوْ فِيْ ضَلٰلٍ

جي ذريعي) زمين مان روزي ڪير ڏئي ٿو؟ فرماءِ تہ الله! ۽ بيشڪ اسان يا خاص توهان، يقيناً هدايت تي يا پڌري

مُّبِيْنٍ ﴿٢٤﴾ قُلْ لَّا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّآ اَجْرَمْنَا وَلَا نُسْـَٔلُ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٥﴾

گمراهيءَ ۾ آهيون ﴿٢٤﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ تہ جيڪي گناه اسان ڪيا آهن، تن جي باري ۾ توهان کي پڇا نہ ڪئي ويندي ۽
جيڪي (گناه) توهان ڪريو ٿا، تن جي باري ۾ اسان کان پڇا نہ ڪئي ويندي ﴿٢٥﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ تہ اسان (سڀني) کي

قُلْ يَجْمَعُ بَيْنَنَا رَبُّنَا ثُمَّ يَفْتَحُ بَيْنَنَا بِالْحَقِّ ؕ وَهُوَ الْفَتَّاحُ

ربّ تعاليٰ ئي گڏ ڪندو، پوءِ اسان جي وچ ۾ حقّ سان فيصلو فرمائيندو ۽ اهوئي چڱو فيصلو ڪندڙ (۽) علم وارو

الْعَلِيْمُ ﴿٢٦﴾ قُلْ اَرُوْنِيَ الَّذِيْنَ اَلْحَقْتُمْ بِهٖ شُرَكَآءَ كَلَّا ؕ بَلْ هُوَ اللّٰهُ

آهي ﴿٢٦﴾ فرماءِ تہ مون کي اهي پنهنجا معبود ڏيکاريو، جن کي توهان شريڪ ٺهرائي، الله تعاليٰ سان

الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢٧﴾ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا وَّ

ملائي ڇڏيو آهي؟ هرگز ائين نہ آهي. (جيئن اهي مشرڪ دعويٰ ڪري رهيا آهن)، بلڪ اهو الله ئي غالب، حڪمت
وارو آهي ﴿٢٧﴾ ۽ (اي مُحمّد ﷺ!) اسان توکي سڀني انسانن جي لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي ۽ پر

لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ

ماڻهن مان گهڻا نٿا ڄاڻن ﴿٢٨﴾ ۽ (ڪافر مؤمنن سان ٺٺوليون ڪندي) چون ٿا تہ هي وعدي (جو ڏينهن)

كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٩﴾ قُلْ لَّكُمْ مِّيْعَادُ يَوْمٍ لَّا تَسْتَاْخِرُوْنَ عَنْهُ

ڪڏهن ايندو، جيڪڏهن سچا آهيو؟ ﴿٢٩﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ توهان لاءِ هڪ ڏينهن جو وقت مقرر آهي، جنهن کان

سَاعَةً وَّلَا تَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٣٠﴾ ع وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ بِهٰذَا

توهان نہ هڪ گهڙي پوئتي ٿيندا ۽ نہ (هڪ گهڙي) اڳتي ٿيندا ﴿٣٠﴾ ۽ جن ڪفر ڪيو، تن چيو تہ اسان هرگز

الْقُرْاٰنِ وَلَا بِالَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ ؕ وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الظّٰلِمُوْنَ مَوْقُوْفُوْنَ

نہ هن قرآن تي ايمان آڻينداسون ۽ نہ هن کان اڳين ڪتابن کي مڃينداسون. (اي مُحَمَّد ﷺ!) جيڪر

عِنْدَ رَبِّهِمْ ۖۚ يَرْجِعُ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضِ ِۨالْقَوْلَ ۚ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ

ظالمن کي پنهنجي ربّ جي سامهون بيٺل ڏسين ها. هڪڙا ٻين تي ڳالھ پيا وجهندا. (يعني الزام هٽندا.) هيٺا،

اسْتُضْعِفُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا لَوْلَآ اَنْتُمْ لَكُنَّا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٣١﴾ قَالَ

هٺيلن کي چوندا تہ جيڪڏهن توهان نہ هجو ها تہ يقينًا اسان مؤمن هجون ها ﴿٣١﴾ هٺيلاء هيٺن کي چوندا تہ

الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْٓا اَنَحْنُ صَدَدْنٰكُمْ عَنِ

ڇا اسان توهان کي، توهان وٽ هدايت جي اچڻ کان پوءِ روڪيو؟ بلڪ توهان پاڻ (پنهنجي مرضيءَ

الْهُدٰى بَعْدَ اِذْ جَآءَكُمْ بَلْ كُنْتُمْ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣٢﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ

سان ڏوهاري ۽ مشرڪ ٿيا) هئا ﴿٣٢﴾ ۽ هيٺا، هٺيلن کي چوندا تہ بلڪ رات ۽ ڏينهن جي رٿن (اسان کي

اسْتُضْعِفُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا بَلْ مَكْرُ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ اِذْ تَاْمُرُوْنَنَآ

سڌيءَ واٽ کان روڪي ڇڏيو)، جو جڏهن توهان اسان کي حڪم ڪندا هئا تہ الله تعاليٰ سان ڪفر ڪريون ۽ (ٻتن

اَنْ نَّكْفُرَ بِاللّٰهِ وَنَجْعَلَ لَهٗٓ اَنْدَادًا ؕ وَاَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا

کي) ان جو ڀاڱي ڀائيوار ٺهرايون ۽ جڏهن عذاب اکين جي سامهون ڏسندا تہ اهي پنهنجي

الْعَذَابَ ۭ وَجَعَلْنَا الْاَغْلٰلَ فِيْٓ اَعْنَاقِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۭ هَلْ يُجْزَوْنَ

پشيمانيءَ (۽ حسرت) کي لڪائيندا ۽ جن ماڻھن ڪفر ڪيو، تن جي ڳچين ۾ ڳٽ وجھنداسون. ڪين رڳو سندن عملن جو

اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝٣٣ وَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّذِيْرٍ اِلَّا قَالَ

ئي بدلو ڏنو ويندو ۝٣٣ ۽ اسان ڪنھن ڳوٺ ۾ جيڪو بہ ڊيڄاريندڙ موڪليو، اتان جي خوشحال ماڻھن چيو تہ جيڪي پيغام

مُتْرَفُوْهَآ ۙ اِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ۝٣٤ وَقَالُوْا نَحْنُ اَكْثَرُ اَمْوَالًا

ڏئي توھان کي موڪليو ويو آھي، اسان ان جا انڪاري آھيون ۝٣٤ ۽ چيائون تہ اسان (توھان کان) مالن ۽ اولاد ۾ گھڻا

وَّاَوْلَادًا ۙ وَّمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ۝٣٥ قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ

آھيون ۽ اسان کي عذاب نہ ڏنو ويندو ۝٣٥ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ بيشڪ منھنجو ربّ جنھن جي گھري ٿو، تنھن جي روزي

ع ٤ ١٠ يَّشَاۤءُ وَيَقْدِرُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٣٦ ع وَمَآ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ

ڪشادي ڪري ٿو ۽ (جنھن جي گھري ٿو، روزي) تنگ ڪري ٿو ۽ پر گھڻا ماڻھو نٿا ڄاڻن ۝٣٦ ۽ توھان جا مال ۽ توھان جو

اَوْلَادُكُمْ بِالَّتِيْ تُقَرِّبُكُمْ عِنْدَنَا زُلْفٰٓى اِلَّا مَنْ اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ۡ

اولاد، توھان کي اسان (جي رحمت جي) ويجھو ڪندڙ نہ آھي، مگر جنھن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائين، تن لاءِ سندن

فَاُولٰۗىِٕكَ لَهُمْ جَزَاۗءُ الضِّعْفِ بِمَا عَمِلُوْا وَهُمْ فِي الْغُرُفٰتِ اٰمِنُوْنَ ۝٣٧

عملن جو ثواب وڌائبو ۽ اھي (جنت جي) ماڙين ۾ (موت، بيماري ۽ خوف کان آجا ۽) امن سان رھندا ۝٣٧

وَالَّذِيْنَ يَسْعَوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰۗىِٕكَ فِي الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ ۝٣٨

۽ جيڪي ماڻھو اسان جي آيتن جي مخالفت ڪري (دين کان روڪڻ جي) ڪوشش ڪن ٿا، اھي عذاب ۾ حاضر ٿيڻ وارا آھن ۝٣٨

قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَاۤءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ لَهٗ ۭ وَ

فرماءِ تہ بيشڪ الله پنھنجن ٻانھن مان جنھن جي گھرندو آھي، تنھن جي روزي ڪشادي ڪندو آھي ۽ جنھن

مَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَهُوَ يُخْلِفُهٗ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ۝٣٩ وَيَوْمَ

جي گهرندو آهي، تنهن جي روزي تنگ ڪندو آهي ۽ توهان جيڪا به شيءِ خرچ ڪندا ته (الله دنيا ۽ آخرت ۾) ان
جو بدلو ڏيندو ۽ اهو ئي بهترين روزي ڏيندڙ آهي ۝٣٩ ۽ (ياد ڪر قيامت جي) ڏينهن کي جڏهن سڀني

يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ يَقُوْلُ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اَهٰٓؤُلَآءِ اِيَّاكُمْ كَانُوْا

کي گڏ ڪنداسون. پوءِ (الله) فرشتن کي فرمائيندو ته ڇا اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي خاص توهان جي ئي

يَعْبُدُوْنَ ۝٤٠ قَالُوْا سُبْحٰنَكَ اَنْتَ وَلِيُّنَا مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ بَلْ كَانُوْا

عبادت ڪندا هئا؟ ۝٤٠ (فرشتا) چوندا ته تون (شرڪ کان) پاڪ آهين. انهن جي بجاءِ تون ئي اسان جو سائين

يَعْبُدُوْنَ الْجِنَّ ۚ اَكْثَرُهُمْ بِهِمْ مُّؤْمِنُوْنَ ۝٤١ فَالْيَوْمَ لَا يَمْلِكُ

آهين. بلڪ اهي جنن جي پوڄا ڪندا هئا. انهن مان گهڻا انهن تي ايمان رکندڙ هئا ۝٤١ پوءِ اڄ توهان

بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ نَّفْعًا وَّلَا ضَرًّا ۭ وَنَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا

مان هڪڙا ٻين کي نفعو ۽ نقصان ڏيڻ جو ڪو اختيار نٿا رکن ۽ جن ماڻهن ظلم ڪيو، تن کي چونداسون ته

عَذَابَ النَّارِ الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ۝٤٢ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا

باهه جي عذاب جو مزو چکو، جنهن کي توهان ڪوڙو ڪندا هئا ۝٤٢ ۽ جڏهن مٿن اسان جون روشن آيتون

بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا رَجُلٌ يُّرِيْدُ اَنْ يَّصُدَّكُمْ عَمَّا كَانَ يَعْبُدُ

پڙهيون وينديون آهن، تڏهن هڪ ٻئي کي چوندا آهن ته هيءُ (محمد ﷺ ته) هڪ شخص آهي، جيڪو گهري

اٰبَآؤُكُمْ ۚ وَقَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّآ اِفْكٌ مُّفْتَرًى ۭ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

ٿو ته توهان کي (بتن جي عبادت کان) روڪي، جن جي توهان جا ابا ڏاڏا عبادت ڪندا هئا ۽ جڏهن انهن

لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ۝٤٣ وَمَآ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ

(ڪافرن) وٽ حق آيو، انهن چيو ته اهو رڳو پڌرو جادو آهي ۝٤٣ حالانڪ اسان کين نه (آسماني) ڪتاب ڏنا آهن،

كُتُبٍ يَّدْرُسُوْنَهَا وَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمْ قَبْلَكَ مِنْ نَّذِيْرٍ ﴿٤٤﴾ وَكَذَّبَ

جن جي انهن تعليم حاصل ڪئي هجي ۽ نه (اي مُحَمَّد ﷺ!) توکان اڳ اسان انهن ڏانهن ڪو ڊيڄاريندڙ (پيغمبر)

الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۙ وَمَا بَلَغُوْا مِعْشَارَ مَآ اٰتَيْنٰهُمْ فَكَذَّبُوْا رُسُلِيْ ۗ

موڪليو آهي ﴿٤٤﴾ ۽ جيڪي ماڻهو هِنن (مشرڪن) کان اڳ ۾ هئا، تن به (اسان جي پيغمبرن کي) ڪوڙو ڪيو، حالانڪ اسان
جيڪي ڪجهه اُنهن کي ڏنو هو، هِنن کي ان جو ڏهون حصو به نه ڏنو آهي. پوءِ منهنجن رسولن کي ڪوڙو ڪيائون. پوءِ

فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿٤٥﴾ قُلْ اِنَّمَآ اَعِظُكُمْ بِوَاحِدَةٍ ۚ اَنْ تَقُوْمُوْا لِلّٰهِ مَثْنٰى

منهنجو عذاب ڪيئن هو؟ ﴿٤٥﴾ (اي محمد ﷺ! ڪين) فرماءِ ته بيشڪ آءٌ توهان کي (هڪ خصلت) جي نصيحت ڪريان ٿو ته

وَفُرَادٰى ثُمَّ تَتَفَكَّرُوْا ۗ مَا بِصَاحِبِكُمْ مِّنْ جِنَّةٍ ۭ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ لَّكُمْ

الله (جي رضا لاءِ) ٻه ٻه ۽ هڪ هڪ ٿي بيهو، پوءِ (منهنجي باري ۾) سوچيو (يقين ڪريو ته) توهان جي ساٿي (محمد ﷺ) کي ڪا چريائپ
(۽ سوداءُ) نه آهي (پوءِ توهان کي ويساهه ٿيندو ته ڪو عقلمند اهڙي ڪوڙي دعويٰ نٿو ڪري سگهي.) اهو (يعني حضرت محمد ﷺ)

بَيْنَ يَدَيْ عَذَابٍ شَدِيْدٍ ﴿٤٦﴾ قُلْ مَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ فَهُوَ لَكُمْ ۭ

ته رڳو توهان لاءِ سخت عذاب (جي اچڻ) کان اڳ هڪ ڊيڄاريندڙ آهي ﴿٤٦﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته آءٌ توهان کان ڪو اجر نٿو

اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿٤٧﴾ قُلْ اِنَّ رَبِّيْ

گهران. اهو (مال، متاع) الله توهان کي بخشي ڏي. منهنجو اجر ته الله تي آهي ۽ اهو هر شيءِ تي شاهد آهي ﴿٤٧﴾

يَقْذِفُ بِالْحَقِّ ۚ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿٤٨﴾ قُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَمَا يُبْدِئُ الْبَاطِلُ وَ

فرماءِ ته بيشڪ منهنجو ربّ حقّ (يعني وحي کي نبين سڳورن ڏانهن) موڪليندو آهي. اهو ڳجهن جو وڏو ڄاڻو آهي ﴿٤٨﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!)
فرماءِ ته حقّ (يعني اسلام يا الله جو حڪم) اچي چڪو آهي ۽ باطل (يعني شيطان يا بتّ) نه پهريون ڀيرو خلق کي پيدا ڪن ٿا ۽ نه وري

مَا يُعِيْدُ ﴿٤٩﴾ قُلْ اِنْ ضَلَلْتُ فَاِنَّمَآ اَضِلُّ عَلٰى نَفْسِيْ ۚ وَاِنِ اهْتَدَيْتُ

ٻيهر پيدا ڪري سگهن ٿا ﴿٤٩﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته جيڪڏهن آءٌ گمراهه آهيان ته پوءِ منهنجي گمراهيءَ (جو وبال ۽ جنجال) مون تي آهي
۽ جيڪڏهن آءٌ هدايت تي آهيان ته پوءِ اها (هدايت) انهيءَ وحي جي ڪري آهي، جيڪو مون ڏانهن منهنجي ربّ جي

فَبِمَا يُوْحِيْٓ اِلَيَّ رَبِّيْ ۭ اِنَّهٗ سَمِيْعٌ قَرِيْبٌ ﴿٥٠﴾ وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ فَزِعُوْا فَلَا

طرفان موڪليو وڃي ٿو. بيشڪ اهو ٻڌندڙ (۽ ويجهو) ويجهو آهي ﴿٥٠﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) جيڪر ڏسين جڏهن انهن کي

فَوۡتَ وَاُخِذُوۡا مِنۡ مَّكَانٍ قَرِيۡبٍ ﴿٥١﴾ وَّقَالُوۡۤا اٰمَنَّا بِهٖ ۚ وَاَنّٰى لَهُمُ

ڏڪٽي ونئي ويندي، پوءِ (عذاب کان) بچي نہ سگھندا ۽ انهن کي ويجهي هنڌ تان پڪڙيو ويندو ﴿٥١﴾ ۽ (عذاب کي ڏسي)

التَّنَاوُشُ مِنۡ مَّكَانٍ بَعِيۡدٍ ۖۚ ﴿٥٢﴾ وَّقَدۡ كَفَرُوۡا بِهٖ مِنۡ قَبۡلُ ۚ وَ

اهي چوندا تہ (قيامت ۽ ٻيا سڀ اسلامي عقيدا، جن جا اسين انڪاري هئاسون، انهن تي هاڻي) ايمان آندوسون ۽ ڏوراهين هنڌ (يعني آخرت ۾ سندن توبه پلا) ڪٿان قبول ٿيندي؟ ﴿٥٢﴾ ۽ ان کان اڳ (يعني دنيا ۾) ان جو ڪفر ڪندا رهيا (۽ نبي

يَقۡذِفُوۡنَ بِالۡغَيۡبِ مِنۡ مَّكَانٍ بَعِيۡدٍ ﴿٥٣﴾ وَحِيۡلَ بَيۡنَهُمۡ وَبَيۡنَ

سڳوري ﷺ جن ڏانهن جادو، شاعريءَ ۽ چريائپ جي نسبت ڪندا رهيا) ۽ ڏوراهين هنڌ تان غيب ۾ تير اڇلائيندا رهيا ﴿٥٣﴾

مَا يَشۡتَهُوۡنَ كَمَا فُعِلَ بِاَشۡيَاعِهِمۡ مِّنۡ قَبۡلُ ؕ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا فِىۡ

۽ انهن ۾ ۽ سندن خواهشن (يعني توبه قبول ڪرڻ، ايمان آڻڻ ۽ دنيا ۾ واپس وڃڻ جي دعا) جي وچ ۾ روڪ وڌي ويندي، جيئن ان کان اڳ انهن جهڙن (يعني پيغمبرن کي ڪوڙو ڪندڙن) سان ڪيو ويو. بيشڪ اهي (رسالت ۽ قيامت جي باري ۾) وڏي شڪ

شَكٍّ مُّرِيۡبٍ ع ﴿٥٤﴾

(۽) بي يقينيءَ ۾ پيل هئا ﴿٥٤﴾

ع ٦

اٰيَاتُهَا ٤٥ (٣٥) سُوۡرَةُ فَاطِرٍ مَّكِّيَّةٌ (٤٣) رُكُوۡعَاتُهَا ٥

سورة فاطر مڪي آهي. هن ۾ پنجيتاليهہ آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

خداوند تعاليٰ سبحانہ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو هر عام ۽ خاص تي رحم ڪندڙ آهي.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ جَاعِلِ الۡمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا اُولِىۡۤ

سڀ (شڪر ۽) ساراهہ خاص الله کي جڳائي ٿي، جيڪو آسمانن ۽ زمين کي نئين سر پيدا ڪندڙ آهي، (۽ جيڪو) ٻن ٻن ۽

اَجۡنِحَةٍ مَّثۡنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ ؕ يَزِيۡدُ فِى الۡخَلۡقِ مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى

ٽن ٽن ۽ چئن چئن پرن وارن فرشتن کي رسول ڪري موڪليندڙ آهي. پنهنجي مخلوق ۾ جيڪي ڪجهہ گهرندو آهي،

كُلِّ شَيۡءٍ قَدِيۡرٌ ① مَا يَفۡتَحِ اللّٰهُ لِلنَّاسِ مِنۡ رَّحۡمَةٍ فَلَا مُمۡسِكَ

ان کي وڌائيندو آهي، (جھڙوڪ جبريل عليه السلام جا ڇھہ سو پر آهن.) بيشڪ الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ① الله تعاليٰ ماڻھن جي لاءِ جيڪا رحمت (۽ جيڪا روزي) کوليندو آهي، تنهن کي ڪو بہ روڪيندڙ نہ آهي ۽ جنهن شيءِ کي (الله تعاليٰ)

لَهَا ۚ وَمَا يُمۡسِكۡ ۙ فَلَا مُرۡسِلَ لَهٗ مِنۡۢ بَعۡدِهٖ ؕ وَهُوَ الۡعَزِيۡزُ

روڪيندو آهي، تہ پوءِ ان کان بعد ان کي ڪو بہ موڪلڻ وارو نہ آهي ۽ اھوئي غالب، حڪمت

الۡحَكِيۡمُ ② يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اذۡكُرُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ ؕ هَلۡ مِنۡ

وارو آهي ② اي انسانو! پاڻ تي (شڪراني طور) الله جي نعمت کي ياد ڪريو. ڇا الله کان سواءِ ڪو ٻيو خالق

خَالِقٍ غَيۡرُ اللّٰهِ يَرۡزُقُكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ وَالۡاَرۡضِ ؕ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۖ فَاَنّٰى

آهي؟ جيڪو توهان کي آسمانن ۽ زمين مان روزي ڏئي ٿو. ان کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي، پوءِ (توحيد کان)

تُؤۡفَكُوۡنَ ③ وَاِنۡ يُّكَذِّبُوۡكَ فَقَدۡ كُذِّبَتۡ رُسُلٌ مِّنۡ قَبۡلِكَ ؕ وَاِلَى

ڪٿي تا ڀٽڪايا وڃو ③ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) جيڪڏهن توکي ڪوڙو ڪن ٿا تہ پوءِ بيشڪ توکان اڳ بہ رسولن کي ڪوڙو ڪيو ويو

اللّٰهِ تُرۡجَعُ الۡاُمُوۡرُ ④ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ

آهي ۽ الله ڏانهن ئي سڀ ڪم موٽايا وڃن ٿا ④ اي انسانو! بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي، پوءِ توهان کي دنيا جي

الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا ۖ وقفة وَلَا يَغُرَّنَّكُمۡ بِاللّٰهِ الۡغَرُوۡرُ ⑤ اِنَّ الشَّيۡطٰنَ لَكُمۡ

حياتي دوکي ۾ نہ وجهي ۽ نہ دوکو ڏيندڙ (شيطان) توهان کي الله جي باري ۾ دوکي ۾ وجهي ⑤ بيشڪ شيطان

عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوۡهُ عَدُوًّا ؕ اِنَّمَا يَدۡعُوۡا حِزۡبَهٗ لِيَكُوۡنُوۡا مِنۡ اَصۡحٰبِ

توهان جو دشمن آهي، پوءِ توهان بہ ان کي پنهنجو دشمن بڻايو. بيشڪ اهو پنهنجي جماعت کي سڏي ٿو تہ جيئن اهي

السَّعِيۡرِ ⑥ ؕ اَلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَهُمۡ عَذَابٌ شَدِيۡدٌ ؕ ۬ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ

دوزخبن مان ٿين ⑥ جن ماڻھن ڪفر ڪيو، انهن جي لاءِ سخت عذاب آهي ۽ جن ماڻھن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم

عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿٧﴾ ع اَفَمَنْ زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ

كيائون، تن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي ﴿٧﴾ چا پوءِ جنهن شخص لاءِ سندس گناه جا ڪم سينگاريا ويا آهن، پوءِ انهن

عَمَلِهٖ فَرَاٰهُ حَسَنًا ط فَاِنَّ اللّٰهَ يُضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ

(ڪمن) کي سهڻو سمجهي ٿو (۽ گمان ڪري ٿو ته آءٌ هدايت تي آهيان، ڇا اهو چڱا ڪم ڪندڙن جهڙو آهي؟) بيشڪ الله

يَّشَآءُ ز صلے فَلَا تَذْهَبْ نَفْسُكَ عَلَيْهِمْ حَسَرٰتٍ ط اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا

جنهن کي گهري ٿو گمراه ڪري ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو هدايت ڏي ٿو. پوءِ (اي محمد ﷺ! ڪافرن جي ڪوڙي پاڻ سبب) مٿن
ڳڻتي ۽ رنج نه ڪر. بيشڪ جيڪي ڪم اهي ڪري رهيا آهن، تن کي الله ڄاڻندڙ آهي ﴿٨﴾ ۽ اهو الله ئي آهي، جيڪو هوائن

يَصْنَعُوْنَ ﴿٨﴾ وَاللّٰهُ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ الرِّيٰحَ فَتُثِيْرُ سَحَابًا فَسُقْنٰهُ

کي موڪلي ٿو. پوءِ اهي ڪڪرن کي هلائين ٿيون. پوءِ اسان انهن کي ويران زمين ڏانهن موڪليون ٿا، پوءِ ان

اِلٰى بَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَحْيَيْنَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ط كَذٰلِكَ

جي ويرانيءَ کان بعد انهيءَ کي آباد ڪريون ٿا. ساڳيءَ طرح (توهان کي به موت کان پوءِ قيامت ۾ ٻيهر) جياريو

النُّشُوْرُ ﴿٩﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعِزَّةَ فَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ جَمِيْعًا ط اِلَيْهِ

ويندو ﴿٩﴾ جيڪو شخص عزت گهرندو ته عزت سڀ الله لاءِ آهي. ان ڏانهن ئي پاڪ ڪلمو (لا الـه الاّ الله) چڙهي ٿو ۽ نيڪ

يَصْعَدُ الْكَلِمُ الطَّيِّبُ وَالْعَمَلُ الصَّالِحُ يَرْفَعُهٗ ط وَالَّذِيْنَ

عمل (يعني فرضَ) ان کي مٿي چاڙهين ٿا (يعني پاڪ ڪلمي کي قبوليت جي هنڌ تي پهچائين ٿا) ۽ (اي منهنجا

يَمْكُرُوْنَ السَّيِّاٰتِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ط وَمَكْرُ اُولٰٓئِكَ هُوَ

پيارا!) جيڪي ماڻهو (تنهنجي خلاف) بڇڙائين جي رٿ رٿين ٿا، تن لاءِ سخت عذاب آهي ۽ سندن ئي رٿ بيڪار

يَبُوْرُ ﴿١٠﴾ وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ جَعَلَكُمْ

۽ باطل ٿيندي ﴿١٠﴾ ۽ الله تعاليٰ توهان کي مٽيءَ مان خلقيو، پوءِ نطفي مان، پوءِ توهان کي جوڙا جوڙا ڪيائين (يعني

اَزْوَاجًا ؕ وَمَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ ؕ وَمَا يُعَمَّرُ

مرد ۽ عورت بڻايائين) ۽ ڪا به عورت پنهنجي پيٽ ۾ جيڪي ڪجهه کڻي ٿي ۽ جيڪي ڪجهه ڄڻي ٿي، سو سڀ الله جي

مِنْ مُّعَمَّرٍ وَّلَا يُنْقَصُ مِنْ عُمُرِهٖۤ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى

علم ۾ آهي ۽ جنهن جي به عمر ڊگهي ٿئي ٿي ۽ جنهن جي به عمر گهٽ ٿئي ٿي، سڀ ڪجهه ڪتاب ۾ آهي ۽ اها ڳالهه

اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿١١﴾ وَمَا يَسْتَوِي الْبَحْرٰنِ ۖۗ هٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ سَآئِغٌ

الله لاءِ آسان آهي ﴿١١﴾ ۽ ٻه سمنڊ هڪجهڙا نه آهن (جن مان) هڪڙي جو پاڻي مٺو، اُڃ لاهيندڙ، مزيدار ۽ ٻئي جو پاڻي

شَرَابُهٗ وَهٰذَا مِلْحٌ اُجَاجٌ ؕ وَمِنْ كُلٍّ تَاْكُلُوْنَ لَحْمًا طَرِيًّا وَّ

کارو ۽ ڪوڙو آهي ۽ هر هڪ مان (مڇيءَ جو) تازو گوشت کائو ٿا ۽ انهيءَ (کاري سمنڊ) مان زيور (موتي ۽ مونگا وغيره)

تَسْتَخْرِجُوْنَ حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا ۚ وَتَرَى الْفُلْكَ فِيْهِ مَوَاخِرَ لِتَبْتَغُوْا

ڪڍي پايو ٿا ۽ ٻيڙيءَ کي ڏسين ٿو ته پاڻيءَ کي چيري هلي ٿي، جيئن (واپار جي ذريعي) الله جو فضل (۽ روزي)

مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٢﴾ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُوْلِجُ

تلاش ڪريو ۽ مَنَ توهان (سندس نعمتن جو) شڪر ڪريو ﴿١٢﴾ (الله) رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ڏينهن کي

النَّهَارَ فِي الَّيْلِ ۙ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ۖ ؗ كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ

رات ۾ داخل ڪري ٿو ۽ سج ۽ چنڊ کي (توهان لاءِ) تابع ڪيائين. هر هڪ مقرر ڪيل مدت تائين هلي ٿو. اهو ئي

مُّسَمًّى ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ ؕ وَالَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ

توهان جو الله، توهان جو ربّ آهي. سندس ئي بادشاهي آهي ۽ ان کان سواءِ جن کي سڏيو ٿا، اهي ڪجيءَ جي

دُوْنِهٖ مَا يَمْلِكُوْنَ مِنْ قِطْمِيْرٍ ؕ﴿١٣﴾ اِنْ تَدْعُوْهُمْ لَا يَسْمَعُوْا

ککڙيءَ جي کل جا به مالڪ نه آهن ﴿١٣﴾ جيڪڏهن توهين انهن کي سڏيندا ته توهان جي پڪار نه ٻڌاندا ۽ (فرض ڪريو)

دُعَآءَكُمْ ۚ وَلَوْ سَمِعُوْا مَا اسْتَجَابُوْا لَكُمْ ؕ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُوْنَ

جيڪڏهن (اهي توهان جي پڪار) ٻڌن به، تڏهن به توهان ڪي جواب نه ڏيندا (چاڪاڻ ته ڪنهن به شيءِ جو

بِشِرْكِكُمْ ؕ وَلَا يُنَبِّئُكَ مِثْلُ خَبِيْرٍ ﴿١٤﴾ ع يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اَنْتُمُ

اختيار نٿا رکن) ۽ قيامت جي ڏينهن توهان جي شرڪ جو انڪار ڪندا ۽ (اي پيغمبر ﷺ!) ٻنهي جهانن جي احوال
بابت) خبر ڏيندڙ (الله تعاليٰ) وانگر تو کي ڪوبه خبر نه ڏيندو ﴿١٤﴾ اي انسانو! توهان الله وٽ محتاج ۽ فقير

الْفُقَرَآءُ اِلَى اللّٰهِ ۚ وَاللّٰهُ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿١٥﴾ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ

آهيو ۽ الله ئي بي نياز (بادشاهه ۽) ساراهيل آهي ﴿١٥﴾ جيڪڏهن گهري ته توهان کي ختم ڪري ۽ توهان جي

وَيَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿١٦﴾ ۚ وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ﴿١٧﴾ وَلَا تَزِرُ

بجاءِ نئين خلق آڻي ﴿١٦﴾ ۽ اها ڳالهه الله لاءِ ڪا ڏکي نه آهي ﴿١٧﴾ ۽ (قيامت جي ڏينهن) ڪو بار کڻندڙ ٻئي (جي گناه)

وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ؕ وَاِنْ تَدْعُ مُثْقَلَةٌ اِلٰى حِمْلِهَا لَا يُحْمَلْ

جو بار نه کڻندو ۽ جيڪڏهن ڳري بار وارو بار کڻائڻ لاءِ ڪنهن کي سڏيندو ته اهو ڪيس ڪا شيءِ نه کڻائيندو

مِنْهُ شَيْءٌ وَّلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ؕ اِنَّمَا تُنْذِرُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ

جيتوڻيڪ سندس ويجهو مٽ مائٽ ئي هجي. (اي مُحمّد ﷺ!) دراصل تون ته انهن کي ڊيڄاري سگهين ٿو، جيڪي

بِالْغَيْبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ؕ وَمَنْ تَزَكّٰى فَاِنَّمَا يَتَزَكّٰى لِنَفْسِهٖ ؕ وَ

پنهنجي ربّ کان اڻ ڏٺي ڊڄن ٿا ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ جيڪو شخص پنهنجي نفس کي (گناهن کان) پاڪ ڪندو ۽ (چڱا
عمل ڪندو) ته دراصل سندس پاڪبازي (۽ اصلاح جو اجر سندس لاءِ) آهي ۽ (هر شيءِ کي) الله ڏانهن ئي

اِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿١٨﴾ وَمَا يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ﴿١٩﴾ لا وَلَا الظُّلُمٰتُ

موٽڻو آهي ﴿١٨﴾ ۽ انڌو ۽ ڏسندڙ (يعني ڪافر ۽ مؤمن، عالم ۽ جاهل) برابر نه ٿيندا آهن ﴿١٩﴾ ۽ نه اونداهيون ۽ نه

وَلَا النُّوْرُ ﴿٢٠﴾ لا وَلَا الظِّلُّ وَلَا الْحَرُوْرُ ﴿٢١﴾ ۚ وَمَا يَسْتَوِي الْاَحْيَآءُ وَلَا

روشني (يعني ڪفر ۽ ايمان برابر آهن) ﴿٢٠﴾ ۽ نه پاڇو ۽ نه اُس (يعني دوزخ ۽ جنت برابر آهن) ﴿٢١﴾ ۽ نه ئي زنده ۽ نه

الْاَمْوَاتُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُسْمِعُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَمَآ اَنْتَ بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِي

ٿي مئل (يعني عالم ۽ جاهل، مؤمن ۽ ڪافر) برابر آهن. بيشڪ الله جنهن کي گهري ٿو، تنهن کي ٻڌائي ٿو ۽

الْقُبُوْرِ ﴿٢٢﴾ اِنْ اَنْتَ اِلَّا نَذِيْرٌ ﴿٢٣﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ؕ

(اي محمّد ﷺ!) تون قبرن وارن کي ٻڌائيندڙ نه آهين، (يعني جيڪي ڏيجارڻ مان فائدو نٿا وٺن سي قبرن وارن وانگر آهن) ﴿٢٢﴾
(اي محمّد ﷺ!) تون ته رڳو هڪ ڊيڄاريندڙ آهين ﴿٢٣﴾ بيشڪ اسان تو کي حق سان خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي ۽ هر

وَاِنْ مِّنْ اُمَّةٍ اِلَّا خَلَا فِيْهَا نَذِيْرٌ ﴿٢٤﴾ وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كَذَّبَ

امت ۾ ضرور ڪو نه ڪو ڊيڄاريندڙ گذريو آهي (يعني نبي سڳورا يا سندن وارث علماءَ ڪرام.) ﴿٢٤﴾ (اي محمّد ﷺ!) ۽

الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَبِالزُّبُرِ وَ

جيڪڏهن تو کي ڪوڙو ڪن ٿا ته پوءِ بيشڪ جيڪي انهن کان اڳ هئا، تن به (پيغمبرن کي) ڪوڙو ڪيو. وٽن سندن رسولن

بِالْكِتٰبِ الْمُنِيْرِ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ اَخَذْتُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَكَيْفَ كَانَ

روشن نشانيون ۽ صحيفا ۽ پڌرا ڪتاب آندا ﴿٢٥﴾ پوءِ جن ماڻهن ڪفر ڪيو، تن کي مون پڪڙيو، پوءِ منهنجو عذاب

نَكِيْرِ ﴿٢٦﴾ ع اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ ع ١٢ ٣ ١٥

ڪيئن آهي؟ ﴿٢٦﴾ ڇا تو نه ڏٺو ته الله آسمان مان پاڻي لاٿو، پوءِ ان سان (قسمين قسمين) مختلف رنگن جا

ثَمَرٰتٍ مُّخْتَلِفًا اَلْوَانُهَا ؕ وَمِنَ الْجِبَالِ جُدَدٌۢ بِيْضٌ وَّحُمْرٌ

ميوا اپاياسون ۽ جبلن مان ڪي اڇي رنگ جا آهن ته ڪي ڳاڙهي رنگ جا آهن. قسمين قسمين رنگن وارا به

مُّخْتَلِفٌ اَلْوَانُهَا وَغَرَابِيْبُ سُوْدٌ ﴿٢٧﴾ وَمِنَ النَّاسِ وَالدَّوَآبِّ

آهن ۽ ڪن جا رنگ گهرا ڪارا آهن ﴿٢٧﴾ ۽ ساڳيءَ طرح ماڻهن ۽ ساهوارن ۽ جانورن مان به مختلف رنگن جا

وَالْاَنْعَامِ مُخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ كَذٰلِكَ ؕ اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ

آهن، بيشڪ الله کان رڳو سندس عالم ٻانها ئي ڊڄن ٿا. (جيڪي سندس شان جبروتيءَ، شان قهاري ۽ سندس

الْعُلَمٰٓؤُا ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ غَفُوْرٌ ﴿٢٨﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَتْلُوْنَ كِتٰبَ اللّٰهِ

عزت ۽ بادشاهي کان واقف آهن.) بيشڪ الله غالب، بخشڻهار آهي ﴿٢٨﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو الله جو ڪتاب پڙهن

وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً يَّرْجُوْنَ

ٿا ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ جيڪا روزي کين اسان ڏني آهي، تنهن مان ڳجهه ۽ ظاهر ۾ خرچ ڪن ٿا، اهي اهڙي واپار

تِجَارَةً لَّنْ تَبُوْرَ ﴿٢٩﴾ لِيُوَفِّيَهُمْ اُجُوْرَهُمْ وَيَزِيْدَهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ۭ

جي اميد رکن ٿا، جيڪو هرگز ضايع نه ٿيندو ﴿٢٩﴾ جيئن (الله تعاليٰ) کين سندن پورو اجر ڏي ۽ پنهنجي فضل سان کين

اِنَّهٗ غَفُوْرٌ شَكُوْرٌ ﴿٣٠﴾ وَالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ مِنَ الْكِتٰبِ هُوَ

وڌائي ڏي. بيشڪ الله مغفرت ڪندڙ (۽ نيڪيون) قبول ڪندڙ آهي ﴿٣٠﴾ ۽ (اي محمّد ﷺ!) اسان تو ڏانهن جيڪو ڪتاب

الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِعِبَادِهٖ لَخَبِيْرٌۢ

وحيءَ جي ذريعي موڪليو آهي، اهو برحقّ آهي. پاڻ کان اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي. بيشڪ الله

بَصِيْرٌ ﴿٣١﴾ ثُمَّ اَوْرَثْنَا الْكِتٰبَ الَّذِيْنَ اصْطَفَيْنَا مِنْ عِبَادِنَا ۚ فَمِنْهُمْ

پنهنجن ٻانهن کان يقيناً باخبر (۽ کين) ڏسندڙ آهي ﴿٣١﴾ پوءِ اسان پنهنجي ڪتاب جو وارث پنهنجن چونڊيل ٻانهن کي

ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ وَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ ۚ وَمِنْهُمْ سَابِقٌۢ بِالْخَيْرٰتِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ

ڪيو. پوءِ انهن مان ڪو پاڻ تي ظلم ڪندڙ آهي، (يعني جنهن جون برايون، نيڪين کان وڌيڪ آهن) ۽ انهن مان ڪو وچٿري واٽ
تي هلندڙ آهي، (يعني جنهن جون برايون ۽ نيڪيون برابر آهن.) ۽ انهن مان ڪو پنهنجي ربّ جي حڪم سان

ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ ﴿٣٢﴾ ۭ جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا يُحَلَّوْنَ فِيْهَا

نيڪين ۾ اڳرائي ڪندڙ آهي. اهو ئي وڏو فضل آهي (جو جنت ۾ داخل ٿيڻ جو سبب آهي) ﴿٣٢﴾ هميشه رهڻ وارين

مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّلُؤْلُؤًا ۚ وَلِبَاسُهُمْ فِيْهَا حَرِيْرٌ ﴿٣٣﴾ وَقَالُوا الْحَمْدُ

جنتون، جن ۾ اهي داخل ٿيندا. اتي کين سونا ڪنگڻ ۽ موتين (جا هار) پارايا ويندا ۽ اتي سندن لباس ريشمي هوندو ﴿٣٣﴾

لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَذْهَبَ عَنَّا الْحَزَنَ ۭ اِنَّ رَبَّنَا لَغَفُوْرٌ شَكُوْرُۨ ۝٣٤ۙ الَّذِيْٓ

۽ (جڏهن منجهن داخل ٿيندا) چوندا ته سڀ ساراهه الله لاءِ آهي، جنهن اسان جي (دنيا ۽ آخرت جي هر) غم کي ختم ڪيو،
بيشڪ اسان جو ربّ يقينًا (گناهن جي) مغفرت ڪندڙ ۽ (نيڪين کي) قبول ڪندڙ آهي ۝٣٤ (اهو الله پاڪ) جنهن اسان

اَحَلَّنَا دَارَ الْمُقَامَةِ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ لَا يَمَسُّنَا فِيْهَا نَصَبٌ وَّلَا يَمَسُّنَا

کي (اسان جي عملن سبب نه پر رڳو) پنهنجي فضل سان سدائين رهندڙ گهر (بهشت) عطا فرمايو. جتي اسان کي نه ڪو

فِيْهَا لُغُوْبٌ ۝٣٥ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ نَارُ جَهَنَّمَ ۚ لَا يُقْضٰى عَلَيْهِمْ

ٿڪ ٿيندو ۽ نه ڪا تڪليف ، ڏک ۽ سور ٿيندو ۝٣٥ ۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو، تن لاءِ دوزخ جي باهه آهي. مٿن نه موت جي اچڻ جو

فَيَمُوْتُوْا وَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمْ مِّنْ عَذَابِهَا ۭ كَذٰلِكَ نَجْزِيْ كُلَّ كَفُوْرٍ ۝٣٦ۚ

فيصلو ڪيو ويندو ۽ نه انهن تان دوزخ جي عذاب کي هلڪو ڪيو ويندو. اهڙيءَ طرح اسين هر ڪافر کي بدلو ڏيندا آهيون ۝٣٦

وَهُمْ يَصْطَرِخُوْنَ فِيْهَا ۚ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا غَيْرَ الَّذِيْ

۽ اهي اتي فرياد ڪندا ته ربّ اسان جا! اسان کي (هتان) ڪڍ ته (دنيا ۾) جو ڪجهه ڪندا هئاسون، تن جي بجاءِ (هاڻي چڱا) عمل ڪريون.
(ارشاد فرمائيندو ته) ڇا اسان توهان کي (جوانيءَ کان سٺ سالن تائين) ايتري زندگي نه ڏني هئي جو جيڪڏهن ڪو شخص نصيحت

كُنَّا نَعْمَلُ ۭ اَوَلَمْ نُعَمِّرْكُمْ مَّا يَتَذَكَّرُ فِيْهِ مَنْ تَذَكَّرَ وَجَاۗءَكُمُ

وٺڻ گهري ها ته انهيءَ ۾ نصيحت وٺي ها ۽ توهان وٽ ڊيڄاريندڙ (رسول يعني حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ يا قرآن يا

النَّذِيْرُ ۭ فَذُوْقُوْا فَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ نَّصِيْرٍ ۝٣٧ۧ اِنَّ اللّٰهَ عٰلِمُ غَيْبِ ع ٤ ١١ ١٦

اچڻ وارن جي عمر به) آئي ، پوءِ (عذاب جو مزو) چکو. (اڄ) ظالمن لاءِ ڪو مددگار نه آهي ۝٣٧ بيشڪ الله ئي آسمانن ۽

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝٣٨ هُوَ الَّذِيْ

زمين جي ڳجهه کي ڄاڻندڙ آهي. بيشڪ اهو ئي سينن جي رازن کي به ڄاڻندڙ آهي ۝٣٨ اهو الله ئي آهي،

جَعَلَكُمْ خَلٰۗىِٕفَ فِي الْاَرْضِ ۭ فَمَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهٗ ۭ وَلَا يَزِيْدُ

جنهن توهان کي زمين ۾ (اڳين جو) جانشين ڪيو. پوءِ جنهن ڪفر ڪيو، تنهن جي ڪفر جو (وبال) مٿس ئي آهي

الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ اِلَّا مَقْتًا ۚ وَلَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ

۽ ڪافرن کي سندن ڪفر سندن پالڻھار وٽ رڳو ڏمر ۽ قھر ۾ وڌائيندو آھي ۽ ڪافرن کي سندن ڪفر رڳو نقصان

اِلَّا خَسَارًا ﴿٣٩﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ شُرَكَآءَكُمُ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ

۾ ئي وڌائيندو آھي ﴿٣٩﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ تہ مون کي پنھنجا اھي شريڪ ڏيکاريو، جن کي الله کان سواءِ سڏيو

اللّٰهِ ؕ اَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِي

ٿا . مون کي ڏيکاريو تہ زمين ۾ انھن ڪھڙي شيءِ پيدا ڪئي آھي، يا آسمان ۾ سندن (ڪھڙي) ڀائيواري آھي، يا

السَّمٰوٰتِ ۚ اَمْ اٰتَيْنٰهُمْ كِتٰبًا فَهُمْ عَلٰى بَيِّنَتٍ مِّنْهُ ۚ بَلْ اِنْ يَّعِدُ

وري اسان انھن (مشرڪن) کي ڪو ڪتاب ڏنو آھي. پوءِ اھي انھيءَ (ڪتاب) جي پڌري دليل تي آھن؟ بلڪ

الظّٰلِمُوْنَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا اِلَّا غُرُوْرًا ﴿٤٠﴾ اِنَّ اللّٰهَ يُمْسِكُ السَّمٰوٰتِ

ظالم رڳو ھڪ ٻئي کي دوکو ڏيئي رھيا آھن ﴿٤٠﴾ بيشڪ الله تعالىٰ آسمانن ۽ زمين کي (پنھنجي جاءِ تان) ھٽڻ کان روڪي

وَالْاَرْضَ اَنْ تَزُوْلَا ۚ وَلَئِنْ زَالَتَآ اِنْ اَمْسَكَهُمَا مِنْ اَحَدٍ مِّنْ

ٿو ۽ جيڪڏھن اھي پنھنجي جاءِ تان ھٽي ويا تہ پوءِ انھن کي الله کان سواءِ ڪو بہ روڪيندڙ نہ آھي. بيشڪ الله بردبار

بَعْدِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حَلِيْمًا غَفُوْرًا ﴿٤١﴾ وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ

(يعني سزا ڏيڻ ۾ دير ڪندڙ)، بخشڻھار آھي ﴿٤١﴾ ۽ (مڪي جي مشرڪن) الله جا سخت قسم ڪئي چيو تہ جيڪڏھن اسان

لَئِنْ جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ لَّيَكُوْنُنَّ اَهْدٰى مِنْ اِحْدَى الْاُمَمِ ۚ فَلَمَّا

وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ (رسول) آيو تہ ضرور ھر امت (يعني يھودين، عيسائين ۽ مجوسين) کان وڌيڪ ھدايت وارا ٿينداسون.

جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ مَّا زَادَهُمْ اِلَّا نُفُوْرًا ﴿٤٢﴾ اسْتِكْبَارًا فِي الْاَرْضِ

پوءِ جڏھن وٽن ھڪ ڊيڄاريندڙ (رسول ﷺ) آيو تہ انھيءَ کين رڳو نفرت ۾ وڌايو ﴿٤٢﴾ (ايمان آڻڻ جي بجاءِ) زمين ۾

وَمَكْرَ السَّيِّئِ ۭ وَلَا يَحِيْقُ الْمَكْرُ السَّيِّئُ اِلَّا بِاَهْلِهٖ ۭ فَهَلْ

وڏائي ۽ بڇڙي مڪاري ڪيائون ۽ بڇڙي مڪاري رڳو مڪر ڪندڙن کي ئي گهيري وٺندي آهي. پوءِ رڳو اڳين

يَنْظُرُوْنَ اِلَّا سُنَّتَ الْاَوَّلِيْنَ ۚ فَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ڋ وَ

ماڻهن وانگر (ڪوڙي پاڻڻ جي نتيجي) جو انتظار ڪري رهيا آهن. پوءِ تون هرگز الله جي طريقي ۾ ڪا

لَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَحْوِيْلًا ﴿٤٣﴾ اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا

ڦيرڦار نه لهندين ۽ نه ڪڏهن الله جي طريقي ۾ ڪا تبديلي ڏسندين ﴿٤٣﴾ ڇا زمين ۾ گهمي ڦري نٿا ڏسن ته انهن

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَكَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْهُمْ

کان جيڪي اڳ ۾ هئا، تن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ ۽ اهي انهن کان وڌيڪ سگهارا هئا ۽ الله جو اهو شان نه آهي ته

قُوَّةً ۭ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعْجِزَهٗ مِنْ شَيْءٍ فِى السَّمٰوٰتِ وَلَا فِى

ڪيس آسمان ۽ زمين ۾ ڪا شيءِ عاجز (۽ لاچار) ڪري، (جو ڪو ان ڪان ڀڄي سگهي.) بيشڪ اهو ئي علم وارو،

الْاَرْضِ ۭ اِنَّهٗ كَانَ عَلِيْمًا قَدِيْرًا ﴿٤٤﴾ وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ

قدرت وارو آهي ﴿٤٤﴾ ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن کي سندن ڪرتوتن جي ڪري پڪڙي ها ته زمين جي

بِمَا كَسَبُوْا مَا تَرَكَ عَلٰي ظَهْرِهَا مِنْ دَاۗبَّةٍ وَّلٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ

پٺيءَ تي ڪنهن به چرندڙ پرندڙ شيءِ کي نه ڇڏي ها ۽ پر ڪين مقرر مدت تائين مهلت ڏئي ٿو. پوءِ جڏهن

اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ فَاِذَا جَاۗءَ اَجَلُهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِعِبَادِهٖ

سندن اجل (يعني موت جو وقت) ايندو ته بيشڪ الله پنهنجن ٻانهن کي ڏسندڙ آهي (ته ڪير ڪهڙي شيءِ

بَصِيْرًا ﴿٤٥﴾ ع

جو حقدار آهي) ﴿٤٥﴾

ع ٥ ٨ ١٤

آيَاتُهَا ٨٣ (٣٦) سُوْرَةُ يٰسٓ مَكِّيَّةٌ (٤١) رُكُوْعَاتُهَا ٥

سورة ياسين مڪي آهي ۽ ان ۾ ٽياسي آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ ، عام خاص تي رحم ڪندڙ آهي.

يٰسٓ ۚ ﴿١﴾ وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ ﴿٢﴾ اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣﴾ عَلٰى صِرَاطٍ

يٰسٓ اي سڀني انسانن جا سردار ﷺ! ﴿١﴾ حڪمت واري قرآن جو قسم! ﴿٢﴾ بيشڪ تون رسولن مان آهين ﴿٣﴾ سڌيءَ

مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٤﴾ تَنْزِيْلَ الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ ﴿٥﴾ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اُنْذِرَ اٰبَآؤُهُمْ

واٽ تي آهين ﴿٤﴾ (قرآن) الله غالب، مهربان جي طرفان لاٿل آهي ﴿٥﴾ جيئن هڪ قوم کي ڊيڄارين، جن جي ابن

فَهُمْ غٰفِلُوْنَ ﴿٦﴾ لَقَدْ حَقَّ الْقَوْلُ عَلٰٓى اَكْثَرِهِمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٧﴾ اِنَّا

ڏاڏن کي (حضرت عيسيٰ عليه السلام کان حضرت محمد ﷺ جي زماني، يعني ڇهن صدين تائين) ڊيڄاريو نه ويو آهي. پوءِ اهي
غفلت ۾ آهن ﴿٦﴾ بيشڪ انهن مان گهڻن تي اسان (جي عذاب) جو فرمان ثابت ٿي چڪو، پوءِ اهي ايمان نٿا آڻين ﴿٧﴾ بيشڪ اسان

جَعَلْنَا فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ اَغْلٰلًا فَهِيَ اِلَى الْاَذْقَانِ فَهُمْ مُّقْمَحُوْنَ ﴿٨﴾ وَ

سندن ڳچين ۾ ڳٽ وجهي ڇڏيا آهن، پوءِ اهي سندن ڪاڏين تائين (پيل) آهن، پوءِ اهي ڳاٽن پر ٽنگيل آهن ﴿٨﴾ ۽ اسان سندن

جَعَلْنَا مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ سَدًّا وَّمِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا فَاَغْشَيْنٰهُمْ

اڳيان بر روڪ قائم ڪئي آهي ۽ سندن پويان بر روڪ قائم ڪئي آهي. پوءِ انهن تي پردا چاڙهي ڇڏيا آهن. پوءِ اهي (انڌا

فَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿٩﴾ وَسَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا

آهن، ڪجهه) نٿا ڏسن ﴿٩﴾ ۽ مٿن برابر آهي ته چاهي کين ڊيڄارين يا نه ڊيڄارين، اهي ايمان نه

يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠﴾ اِنَّمَا تُنْذِرُ مَنِ اتَّبَعَ الذِّكْرَ وَخَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ ۚ

آڻيندا ﴿١٠﴾ دراصل تون ان کي ڊيڄاري سگهين ٿو، جيڪو نصيحت (يعني قرآن) جي پيروي ڪري ٿو ۽ اڻ ڏٺي خدا کان ڊڄي

فَبَشِّرْهُ بِمَغْفِرَةٍ وَّاَجْرٍ كَرِيْمٍ ﴿١١﴾ اِنَّا نَحْنُ نُحْيِ الْمَوْتٰى وَنَكْتُبُ مَا

ٿو، پوءِ کيس بخشش ۽ وڏي اجر جي خوشخبري ڏي ﴿١١﴾ بيشڪ (قيامت جي ڏينهن) اسان ئي مئن کي زنده ڪنداسون ۽ اسان

وقف غفران

قَدَّمُوْا وَاٰثَارَهُمْ ؕ وَكُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ فِيْٓ اِمَامٍ مُّبِيْنٍ ﴿١٢﴾ ع وَاضْرِبْ

سندن عمل ۽ سندن نشان لکون ٿا ۽ هر شيءِ کي اسان پڌري ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ لکي ڇڏيو آهي ﴿١٢﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!)

وقف لازم

لَهُمْ مَّثَلًا اَصْحٰبَ الْقَرْيَةِ ۘ اِذْ جَآءَهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿١٣﴾ ج اِذْ اَرْسَلْنَآ

سندن لاءِ ڳوٺاڻن (انطاڪيه وارن) جو مثال بيان ڪر، جڏهن وٽن (عيسيٰ عليه السلام جا موڪليل) پيغمبر آيا ﴿١٣﴾ جڏهن ٻن ڄڻن

اِلَيْهِمُ اثْنَيْنِ فَكَذَّبُوْهُمَا فَعَزَّزْنَا بِثَالِثٍ فَقَالُوْٓا اِنَّآ اِلَيْكُمْ

کي انهن ڏانهن رسول ڪري موڪليوسون، پوءِ ٻنهي کي ڪوڙو ڪيائون. پوءِ ٽئين سان (ڪين) طاقت ڏني سون. انهن چيو ته

مُّرْسَلُوْنَ ﴿١٤﴾ قَالُوْا مَآ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۙ وَمَآ اَنْزَلَ الرَّحْمٰنُ مِنْ

بيشڪ اسين توهان وٽ رسول ڪري موڪليا ويا آهيون ﴿١٤﴾ انهن چيو ته توهان رڳو اسان وانگر انسان آهيو ۽ الله ڪا شيءِ

شَيْءٍ ۙ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا تَكْذِبُوْنَ ﴿١٥﴾ قَالُوْا رَبُّنَا يَعْلَمُ اِنَّآ اِلَيْكُمْ

(يعني وحي) نه لاٿي آهي، توهان رڳو ڪوڙ ڳالهايو ٿا ﴿١٥﴾ (پيغمبرن) چيو ته اسان جو ربّ ڄاڻي ٿو ته بيشڪ اسين

لَمُرْسَلُوْنَ ﴿١٦﴾ وَمَا عَلَيْنَآ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿١٧﴾ قَالُوْٓا اِنَّا تَطَيَّرْنَا

توهان ڏانهن رسول ٿي آيا آهيون ﴿١٦﴾ ۽ اسان تي رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ آهي ﴿١٧﴾ انهن چيو ته بيشڪ اسين توهان (جي

بِكُمْ ۚ لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهُوْا لَنَرْجُمَنَّكُمْ وَلَيَمَسَّنَّكُمْ مِّنَّا عَذَابٌ

اچڻ) کي پنهنجي لاءِ بدبختي سمجهون ٿا. (توهان آيا آهيو ته اسان جي شهر ۾ برسات نٿي ٿئي) جيڪڏهن توهين (پنهنجي
دعوت کان) باز نه ايندا، ته ضرور توهان کي پٿر چُٽي ماريندا سون ۽ ضرور توهان کي اسان جي طرفان ڏکوئيندڙ عذاب

اَلِيْمٌ ﴿١٨﴾ قَالُوْا طَآئِرُكُمْ مَّعَكُمْ ؕ اَئِنْ ذُكِّرْتُمْ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ

پهچندو ﴿١٨﴾ انهن چيو ته توهان جي بدبختي توهان (جي بڇڙن ڪمن جو نتيجو) آهي (جو برسات توهان جي ظلم سبب

مُّسْرِفُوْنَ ﴿١٩﴾ وَجَآءَ مِنْ اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ رَجُلٌ يَّسْعٰى قَالَ يٰقَوْمِ

نٿي وسي ۽ الزام ٻين کي ڏيو ٿا.) ڇا جيڪڏهن توهان کي نصيحت ڪجي ٿي (ته ان کي بدبختي سمجهو ٿا) بلڪ توهان حد کان
لنگهندڙ قوم آهيو ﴿١٩﴾ ۽ شهر جي آخري ڇيڙي تان هڪ شخص (حبيب نجار) ڊوڙندو آيو، ان چيو ته اي منهنجي قوم! پيغمبرن

اتَّبِعُوا الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢٠﴾ ۙ اتَّبِعُوْا مَنْ لَّا يَسْـَٔلُكُمْ اَجْرًا وَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٢١﴾

جي پيروي ڪريو ﴿٢٠﴾ انهن جي پيروي ڪريو، جيڪي توهان کان اجر نٿا گهرن ۽ اهي سڌي واٽ وارا آهن ﴿٢١﴾

وَمَا لِيَ لَآ اَعْبُدُ الَّذِيْ فَطَرَنِيْ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٢﴾ ءَاَتَّخِذُ مِنْ

۽ مون کي ڇا ٿيو آهي جو الله جي عبادت نہ ڪريان، جنهن مون کي پيدا ڪيو ۽ توهان کي انهيءَ ڏانهن موٽايو

دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً اِنْ يُّرِدْنِ الرَّحْمٰنُ بِضُرٍّ لَّا تُغْنِ عَنِّيْ شَفَاعَتُهُمْ

ويندو ﴿٢٢﴾ ڇا آءٌ الله کي ڇڏي ٻين (باطل معبودن) کي پنهنجو معبود بڻايان؟ جيڪڏهن رحمٰن مون کي ڪا بہ تڪليف
پهچائڻ گهري تہ انهن (باطل معبودن) جي شفاعت مون تان (ڪنهن بہ قسم جي مصيبت کي) ڪجهہ بہ ٽاري نہ سگهندي ۽

شَيْـًٔا وَّلَا يُنْقِذُوْنِ ﴿٢٣﴾ اِنِّيْٓ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٤﴾ اِنِّيْٓ اٰمَنْتُ

نڪي مون کي اهي ڇڏائيندا ﴿٢٣﴾ بيشڪ تڏهن تہ آءٌ يقيناً پڌري گمراهيءَ ۾ وڃي پوندس ﴿٢٤﴾ بيشڪ مون توهان

بِرَبِّكُمْ فَاسْمَعُوْنِ ﴿٢٥﴾ قِيْلَ ادْخُلِ الْجَنَّةَ ؕ قَالَ يٰلَيْتَ قَوْمِيْ

جي ربّ تي ايمان آندو آهي، پوءِ منهنجي ڳالهہ کي ٻڌو. (پوءِ ان کي قتل ڪري ڇڏيائون، پر تڏهن بہ اهو چئي رهيو هو تہ
منهنجا رب! منهنجي قوم کي هدايت نصيب ڪر.) ﴿٢٥﴾ چيو ويو تہ جنت ۾ داخل ٿيءُ. (انهيءَ) چيو تہ جيڪر منهنجي قوم

يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٦﴾ بِمَا غَفَرَ لِيْ رَبِّيْ وَجَعَلَنِيْ مِنَ الْمُكْرَمِيْنَ ﴿٢٧﴾ وَمَآ

ڄاڻي ها! ﴿٢٦﴾ تہ منهنجي ربّ مون کي بخشي ڇڏيو ۽ مون کي عزت وارن ۾ شامل ڪيائين ﴿٢٧﴾ ۽ ان کان پوءِ اسان

اَنْزَلْنَا عَلٰى قَوْمِهٖ مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ جُنْدٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَمَا كُنَّا

انهيءَ (يعني حبيب نجار) جي قوم تي آسمان مان نہ ڪو لشڪر لاٿو ۽ نہ اسان (آسمان تان ڪو لشڪر) لاهڻ وارا

مُنْزِلِيْنَ ﴿٢٨﴾ اِنْ كَانَتْ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمْ خٰمِدُوْنَ ﴿٢٩﴾

آهيون ﴿٢٨﴾ (جبرئيل عليه السلام جي) هڪڙي رڙ ٿي (سندن عذاب لاءِ ڪافي) هُئي. پوءِ اوچتو اهي رک جو ڍير ٿي ويا ﴿٢٩﴾

يٰحَسْرَةً عَلَى الْعِبَادِ ۚ مَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ

ٻانهن (يعني ڪافرن جي حال) تي حسرت آهي. انهن وٽ جيڪو بہ رسول ايندو آهي، انهيءَ سان رڳو ٺٺوليون ڪندا

يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٠﴾ اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ اَنَّهُمْ اِلَيْهِمْ

وقف غفران

اهن ﴿٣٠﴾ ڇا نہ ڏٺائون تہ انهن کان اڳ ڪيتريون قومون (سندن ڪرتوتن جي ڪري) هلاڪ ڪري چڪا آهيون، پوءِ اهي

ع ٢

لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٣١﴾ وَاِنْ كُلٌّ لَّمَّا جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ ﴿٣٢﴾ وَاٰيَةٌ لَّهُمُ

انهن ڏانهن نٿا موٽن ﴿٣١﴾ ۽ بيشڪ انهن مان هر هڪ ڪي گڏجي اسان وٽ حاضر ٿيڻو آهي ﴿٣٢﴾ ۽ سندن لاءِ (قدرت جي)

الْاَرْضُ الْمَيْتَةُ ۚ اَحْيَيْنٰهَا وَاَخْرَجْنَا مِنْهَا حَبًّا فَمِنْهُ يَاْكُلُوْنَ ﴿٣٣﴾

هڪ نشاني مئل زمين آهي، جنهن کي جيئرو ڪريون ٿا ۽ ان مان اناج اپايون ٿا، پوءِ انهيءَ مان ڪائين ٿا ﴿٣٣﴾

وَجَعَلْنَا فِيْهَا جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّاَعْنَابٍ وَّفَجَّرْنَا فِيْهَا مِنَ الْعُيُوْنِ ﴿٣٤﴾

۽ انهيءَ ۾ کجين ۽ انگورن جا باغ پيدا ڪياسون ۽ انهيءَ ۾ چشما جاري ڪياسون ﴿٣٤﴾

لِيَاْكُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖ ۙ وَمَا عَمِلَتْهُ اَيْدِيْهِمْ ۭ اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٥﴾ سُبْحٰنَ الَّذِيْ

جيئن انهن جا ميوا کائين ۽ اهي (شيون) سندن هٿن پيدا نه ڪيون آهن. ڇا پوءِ (ڪفر ۽ نافرمانيءَ کي ڇڏي انهن
نعمتن جو) شڪر نٿا ڪن؟ ﴿٣٥﴾ (هر قسم جي عيب کان) پاڪ آهي، (الله جي ذات) جنهن زمين مان قسمين قسمين جي

خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا مِمَّا تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ وَمِنْ اَنْفُسِهِمْ وَمِمَّا

اُپت (اناج ۽ گل ڦل وغيره) پيدا ڪيا ۽ سندن جانين مان (مردن ۽ عورتن کي) ۽ انهن شين (کي به پيدا ڪيائين) جن کي

لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الَّيْلُ ۚ نَسْلَخُ مِنْهُ النَّهَارَ فَاِذَا

اهي نٿا ڄاڻن ﴿٣٦﴾ سندن لاءِ (قدرت جي) هڪڙي نشاني رات آهي، جنهن مان ڏينهن (جي روشني) کي ڌار ڪريون ٿا.

هُمْ مُّظْلِمُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَالشَّمْسُ تَجْرِيْ لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا ۭ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ

پوءِ اوچتو اهي اونده ۾ اچن ٿا ﴿٣٧﴾ ۽ سج (قيامت تائين عرش جي هيٺان) پنهنجي مقرر ڪيل مدار ۾ هلي

الْعَلِيْمِ ﴿٣٨﴾ وَالْقَمَرَ قَدَّرْنٰهُ مَنَازِلَ حَتّٰى عَادَ كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِيْمِ ﴿٣٩﴾

رهيو آهي. اهو علم واري (الله تعاليٰ جو) مقرر ڪيل اندازو آهي ﴿٣٨﴾ ۽ اسان چنڊ جي لاءِ (هر هڪ مهيني جون) منزلون مقرر ڪري
ڇڏيون آهن، (جيڪي دراصل الله جي هيبت جو اثر آهن.) ايستائين جو گهٽجي گهٽجي (آخري منزل ۾) کجيءَ جي پراڻي

لَا الشَّمْسُ يَنْۢبَغِيْ لَهَآ اَنْ تُدْرِكَ الْقَمَرَ وَلَا الَّيْلُ سَابِقُ النَّهَارِ ۭ

ڀُوتڻي وانگر (سنهو، ڦڏو ۽ پيلو) ٿي ويندو آهي ﴿٣٩﴾ نه سج کي جڳائي ٿو ته چنڊ کي پهچي ۽ نه رات ڏينهن کان اڳرائي

وَكُلٌّ فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ ﴿٤٠﴾ وَاٰيَةٌ لَّهُمْ اَنَّا حَمَلْنَا ذُرِّيَّتَهُمْ فِي

ڪندڙ آهي ۽ (سج، چنڊ ۽ تارا) سڀ پنهنجي پنهنجي مدار ۾ تري رهيا آهن ﴿٤٠﴾ ۽ سندن لاءِ (اسان جي قدرت جي) هڪ

الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿٤١﴾ وَخَلَقْنَا لَهُمْ مِّنْ مِّثْلِهٖ مَا يَرْكَبُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَاِنْ

نشاني هيءَ آهي ته انهن (يعني نوح جي قوم جي اولاد) کي ڀريل ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيوسون ﴿٤١﴾ ۽ اسان سندن لاءِ (نوح

نَّشَاْ نُغْرِقْهُمْ فَلَا صَرِيْخَ لَهُمْ وَلَا هُمْ يُنْقَذُوْنَ ﴿٤٣﴾ اِلَّا رَحْمَةً مِّنَّا

عليه السلام جي ٻيڙيءَ) جهڙيون ٻيون سواريون پيدا ڪيون، جن تي سواري ڪن ٿا ﴿٤٢﴾ ۽ جيڪڏهن اسين گهرون ته کين ٻوڙي ڇڏيون، پوءِ
نه سندن لاءِ ڪو فرياد ٻڌندڙ هوندو ۽ نه کين بچايو ويندو ﴿٤٣﴾ (پر) پنهنجي رحمت سان (انهن کي بچائيندا آهيون) ۽ (کين) هڪ

وَمَتَاعًا اِلٰى حِيْنٍ ﴿٤٤﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّقُوْا مَا بَيْنَ اَيْدِيْكُمْ وَمَا

مدت (يعني موت) تائين فائدي جو سامان (ڏيون ٿا) ﴿٤٤﴾ ۽ جڏهن ڪافرن کي چئجي ٿو ته اڳين (قومن وانگر پنهنجي خراب

خَلْفَكُمْ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَمَا تَاْتِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ مِّنْ اٰيٰتِ رَبِّهِمْ

عاقبت) ۽ (آخرت جي ايندڙ عذاب) کان ڊڄو، مَنَ توهان تي رحم ڪيو وڃي ﴿٤٥﴾ ۽ وٽن پنهنجي ربّ جي نشانين مان جيڪا به

اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ اَنْفِقُوْا مِمَّا

نشاني ايندي آهي، (لازمًا) ان کان منهن موڙيندڙ هوندا آهن ﴿٤٦﴾ ۽ جڏهن (خير ۾ خرچ ڪرڻ سبب اجر ملڻ جو يقين نه

رَزَقَكُمُ اللّٰهُ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنُطْعِمُ مَنْ لَّوْ

رکندڙن کي) چئجي ٿو ته جيڪا روزي الله توهان کي ڏني آهي، تنهن مان خرچ ڪريو ته ڪافر (ٺٺوليون ڪندي) مؤمنن کي

يَشَآءُ اللّٰهُ اَطْعَمَهٗٓ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٤٧﴾ وَيَقُوْلُوْنَ

چوندا آهن ته ڇا انهن کي کارايون، جن کي الله گهري ته پاڻ کارائي ها، توهان ته پڌري گمراهيءَ ۾ آهيو ﴿٤٧﴾ ۽ چون ٿا ته

مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٨﴾ مَا يَنْظُرُوْنَ اِلَّا صَيْحَةً

هيءُ وعدو ڪڏهن پورو ٿيندو، جيڪڏهن سچا آهيو (اي حضرت محمد ﷺ جا مڃڻ وارو!) ﴿٤٨﴾ رڳو (اسرافيل عليه السلام جي

وَّاحِدَةً تَاْخُذُهُمْ وَهُمْ يَخِصِّمُوْنَ ﴿٤٩﴾ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ تَوْصِيَةً وَّ

اوچتي) هڪڙي رڙ (يعني صور جي ڦوڪجڻ ۽ قيامت جي اچڻ) جو انتظار ڪن ٿا، جيڪا کين ان وقت پڪڙيندي جڏهن پاڻ ۾ جهڳڙو
ڪندا هوندا (پوءِ کين ڪا به مهلت نه ڏني ويندي) ﴿٤٩﴾ پوءِ نه ڪا وصيت ڪري سگهندا ۽ نه پنهنجن گهر وارن ڏانهن موٽي سگهندا

لَآ اِلٰٓى اَهْلِهِمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع وَنُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَاِذَا هُمْ مِّنَ

(يعني صور جو آواز ٻڌي اتي جو اتي اڦٽ مري ويندا) ﴿٥٠﴾ ۽ (قيامت جي ڏينهن) صور ۾ ڦوڪيو ويندو. پوءِ اوچتو اهي

الْاَجْدَاثِ اِلٰى رَبِّهِمْ يَنْسِلُوْنَ ﴿٥١﴾ قَالُوْا يٰوَيْلَنَا مَنْۢ بَعَثَنَا مِنْ

پنهنجين قبرن مان نڪري پنهنجي رب ڏانهن ڊوڙندا ايندا ﴿٥١﴾ چوندا ته هاءِ اسان تي افسوس! اسان کي اسان جي ننڊ جي

مَّرْقَدِنَا ؔ سكتة هٰذَا مَا وَعَدَ الرَّحْمٰنُ وَصَدَقَ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٥٢﴾ اِنْ

جاءِ مان ڪنهن اٿاريو؟ هيءَ آهي اهو وعدو، جيڪو (توهان سان) رحمٰن ڪيو هو ۽ رسولن سچ چيو هو ﴿٥٢﴾ اهو (صور جو

كَانَتْ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمْ جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ ﴿٥٣﴾

ڦوڪجڻ) فقط هڪڙي رڙ هوندي، پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي اهي سڀئي گڏجي اسان وٽ حاضر ٿيڻ وارا آهن ﴿٥٣﴾

فَالْيَوْمَ لَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْـًٔا وَّلَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٥٤﴾

پوءِ اڄ ڪنهن جيءَ تي ڪو ظلم نه ڪيو ويندو ۽ توهان کي انهن ئي عملن جو بدلو ڏبو، جيڪي توهان (دنيا ۾) ڪندا هئا ﴿٥٤﴾

اِنَّ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ الْيَوْمَ فِيْ شُغُلٍ فٰكِهُوْنَ ﴿٥٥﴾ ج هُمْ وَاَزْوَاجُهُمْ

بيشڪ اڄ جنت وارا پنهنجن شغلن ۾ (يعني خوشين ۽ شادين ۾ مشغول) آهن ﴿٥٥﴾ اهي ۽ سندن زالون (ٿڌڪار ۾)

فِيْ ظِلٰلٍ عَلَى الْاَرَآئِكِ مُتَّكِـُٔوْنَ ﴿٥٦﴾ لَهُمْ فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّلَهُمْ مَّا

ڇانون ۾ تختن تي ٽيڪ ڏيئي ويهڻ وارا آهن ﴿٥٦﴾ اتي سندن لاءِ ميوا ۽ اهي سڀ نعمتون آهن، جيڪي اهي

يَدَّعُوْنَ ﴿٥٧﴾ ج صلے سَلٰمٌ قف قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ ﴿٥٨﴾ وَامْتَازُوا الْيَوْمَ

گهرندا ﴿٥٧﴾ (سندن عزت افزائيءَ جي لاءِ انهيءَ مٿن هر گهڙيءَ سندن) مهربان رب جي طرفان سلام مٿان سلام

وقف لازم

اَيُّهَا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٥٩﴾ اَلَمْ اَعْهَدْ اِلَيْكُمْ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ اَنْ لَّا تَعْبُدُوا

هوندو ﴿٥٨﴾ ۽ (اعلان ڪيو ويندو تہ) اي ڏوهاريو! (اي ڪافرو!) اڄ (مؤمنن کان) جدا ٿي وڃو ﴿٥٩﴾ اي آدم جا اولاد! ڇا مون
توهان کان (پيغمبرن سڳورن عليهم السلام جي زباني هيءُ) عهد نہ ورتو هو تہ توهان شيطان جي عبادت نہ ڪريو.

الشَّيْطٰنَ ۚ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٦٠﴾ وَّاَنِ اعْبُدُوْنِيْ ؕ هٰذَا وقف غفران

بيشڪ اهو توهان جو پڌرو دشمن آهي ﴿٦٠﴾ ۽ (توهان کي چيوسون) تہ منهنجي ئي عبادت ڪريو، اها ئي سڌي

صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٦١﴾ وَلَقَدْ اَضَلَّ مِنْكُمْ جِبِلًّا كَثِيْرًا ؕ اَفَلَمْ تَكُوْنُوْا

واٽ آهي ﴿٦١﴾ ۽ بيشڪ (ابليس) توهان مان گهڻين (قومن) کي گمراهہ ڪري چڪو آهي، ڇا پوءِ توهان عقل نہ

تَعْقِلُوْنَ ﴿٦٢﴾ هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ﴿٦٣﴾ اِصْلَوْهَا

رکندا هئا ﴿٦٢﴾ هيءُ آهي اهو جهنم، جنهن جو توهان سان وعدو ڪيو ويندو هو ﴿٦٣﴾ پنهنجي ڪفر

الْيَوْمَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿٦٤﴾ اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلٰٓى اَفْوَاهِهِمْ وَ

وارن ڪمن (جي شامت) سبب اڄ انهيءَ ۾ داخل ٿيو ﴿٦٤﴾ اڄ اسان سندن منهن تي مهر هڻنداسون

تُكَلِّمُنَآ اَيْدِيْهِمْ وَتَشْهَدُ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٦٥﴾

۽ سندن ڪرتوتن جي باري ۾ اسان سان سندن هٿ ڳالهائيندا ۽ سندن پير شاهدي ڏيندا ﴿٦٥﴾

وَلَوْ نَشَآءُ لَطَمَسْنَا عَلٰٓى اَعْيُنِهِمْ فَاسْتَبَقُوا الصِّرَاطَ فَاَنّٰى

۽ جيڪڏهن اسين گهرون تہ سندن اکين کي ميساري ڇڏيون، پوءِ اهي رستي ڏانهن ڊوڙندا، پر اهي ڪٿان ڏسي

يُبْصِرُوْنَ ﴿٦٦﴾ وَلَوْ نَشَآءُ لَمَسَخْنٰهُمْ عَلٰى مَكَانَتِهِمْ فَمَا اسْتَطَاعُوْا

سگهندا؟ ﴿٦٦﴾ ۽ جيڪڏهن گهرون تہ سندن صورتن کي سندن جاين تي مَٽايون (يعني کين (پولڙا ۽ سوئَرَ) بڻايون، پوءِ نہ اڳتي

مُضِيًّا وَّلَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٦٧﴾ ع وَمَنْ نُّعَمِّرْهُ نُنَكِّسْهُ فِي الْخَلْقِ ؕ اَفَلَا ع

وڌي سگهندا ۽ نہ (پنهنجن گهرن ڏانهن) موٽي سگهندا ﴿٦٧﴾ ۽ اسين جنهن جي عمر وڌي ڪندا آهيون، ان کي پيدائش ۾

يَعْقِلُوْنَ ﴿٦٨﴾ وَمَا عَلَّمْنٰهُ الشِّعْرَ وَمَا يَنْۢبَغِيْ لَهٗ ۭ اِنْ هُوَ اِلَّا

پوڙهي ڪري اُبتو (پيدائش ۾) ڦيرائيندا آهيون، ڇا پوءِ عقل کان ڪم نٿا وٺن (ته الله جيڪو هر شيءِ تي وس وارو آهي، اهو توهان جون شڪليون به بگاڙي

سگهي ٿو) ﴿٦٨﴾ ۽ اسان کيس (يعني حضرت محمد ﷺ جن کي) نه شعر سيکاريو آهي ۽ نه شعر چوڻ سندس شان وٽان آهي، اها ته

ذِكْرٌ وَّقُرْاٰنٌ مُّبِيْنٌ ﴿٦٩﴾ لِّيُنْذِرَ مَنْ كَانَ حَيًّا وَّيَحِقَّ الْقَوْلُ

هڪڙي نصيحت ۽ پڌرو قرآن آهي ﴿٦٩﴾ جيئن ڊيڄاري انهيءَ شخص کي جيڪو زنده دل آهي ۽ ڪافرن تي (عذاب جو)

عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧٠﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا خَلَقْنَا لَهُمْ مِّمَّا عَمِلَتْ اَيْدِيْنَآ

فرمان ثابت ٿئي ﴿٧٠﴾ ڇا نٿا ڏسن ته جيڪي شيون اسان پنهنجن هٿن (۽ قدرت) سان خلقيون آهن، تن مان اسان سندن لاءِ

اَنْعَامًا فَهُمْ لَهَا مٰلِكُوْنَ ﴿٧١﴾ وَذَلَّلْنٰهَا لَهُمْ فَمِنْهَا رَكُوْبُهُمْ وَ

جانور پيدا ڪيا، پوءِ اهي انهن جا مالڪ آهن ﴿٧١﴾ ۽ اسان ٿي سندن لاءِ انهن کي تابع ڪيو، پوءِ انهن مان ڪي سندن سواريون

مِنْهَا يَاْكُلُوْنَ ﴿٧٢﴾ وَلَهُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَمَشَارِبُ ۭ اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٧٣﴾

آهن ۽ ڪن جو گوشت کائين ٿا ﴿٧٢﴾ ۽ سندن لاءِ منجهن ڪيترا فائدا ۽ پيئڻ جون شيون آهن، ڇا پوءِ (منهنجو) شڪر نٿا ڪن؟ ﴿٧٣﴾

وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لَّعَلَّهُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٧٤﴾ ۭ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ

۽ انهن الله کان سواءِ ڪي معبود ٺهرايا آهن، شايد (عذاب جي ٽارڻ ۾) سندن مدد ڪئي وڃي ﴿٧٤﴾ (بُتَ، سندن) مدد ڪري نه

نَصْرَهُمْ ۙ وَهُمْ لَهُمْ جُنْدٌ مُّحْضَرُوْنَ ﴿٧٥﴾ فَلَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ۘ اِنَّا

سگهندا ۽ ڪين (باطل معبودن جي) هڪ لشڪر جي صورت ۾ حاضر ڪيو ويندو ﴿٧٥﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ! ڪافرن جي

نَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ﴿٧٦﴾ اَوَلَمْ يَرَ الْاِنْسَانُ اَنَّا

بدخواهيءَ واري) ڳالهه توکي غم ۾ نه وجهي. بيشڪ جيڪي ڪجهه اهي لڪائين ٿا ۽ جيڪي ڪجهه ظاهر ڪن ٿا (يعني سندن قولَ ۽

سندن فعلَ) تنهن کي اسين ڄاڻون ٿا (پوءِ ڪين بدلو ڏينداسون.) ﴿٧٦﴾ ڇا انسان ناهي ڏٺو ته ڪيس نطفي مان پيدا ڪيوسون، پوءِ به اهو

خَلَقْنٰهُ مِنْ نُّطْفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧٧﴾ وَضَرَبَ لَنَا مَثَلًا

(پيغمبر پاڪ سان پيغمبريءَ جي باري ۾) پڌرو جهيڙاڪ آهي ﴿٧٧﴾ ۽ اسان لاءِ هڪ مثال بيان ڪيائين ۽ پنهنجي پيدائش کي

وقف لازم

وَّنَسِيَ خَلْقَهٗ ؕ قَالَ مَنْ يُّحْيِ الْعِظَامَ وَهِيَ رَمِيْمٌ ﴿٧٨﴾ قُلْ يُحْيِيْهَا

وساري ڇڏيائين ته ڳري مِٽيءَ ۾ مِلي ويل ڪان پوءِ انهن هڏين کي ڪير جياريندو؟ ٧٨ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته (الله ئي) انهن کي

الَّذِيْٓ اَنْشَاَهَآ اَوَّلَ مَرَّةٍ ؕ وَهُوَ بِكُلِّ خَلْقٍ عَلِيْمُ ۙ ﴿٧٩﴾ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمْ

جياريندو، جنهن کين پهريون ڀيرو پيدا ڪيو ۽ اهو هر مخلوق کي ڄاڻندڙ آهي ٧٩ جنهن توهان لاءِ هڪ سائي وڻ (يا سيني وڻن

مِّنَ الشَّجَرِ الْاَخْضَرِ نَارًا فَاِذَآ اَنْتُمْ مِّنْهُ تُوْقِدُوْنَ ﴿٨٠﴾ اَوَلَيْسَ الَّذِيْ

مان) باهه پيدا ڪئي، پوءِ (ان جي ٽارين کي گسائي) توهان ان مان باهه ٻاريو ٿا ٨٠ ڇا اهو (الله) جنهن آسمانن ۽ زمين کي (بغير

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ ؕ بَلٰى ۗ وَهُوَ

نموني ۽ مثال جي) پيدا ڪيو، وس وارو نه آهي ته انهن وانگر (آخرت ۾ ٻي مخلوق) پيدا ڪري؟ هائو! اهو سڀ کان وڏو ڄاڻو پيدا

الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ ﴿٨١﴾ اِنَّمَآ اَمْرُهٗٓ اِذَآ اَرَادَ شَيْـًٔا اَنْ يَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٨٢﴾

ڪندڙ آهي ٨١ دراصل سندس ڪم آهي ته جڏهن ڪنهن شيءِ جو ارادو ڪندو آهي، چوندو آهي ته ٿيءُ ته اها ٿي پوندي آهي ٨٢

فَسُبْحٰنَ الَّذِيْ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٨٣﴾ ع

پوءِ (هر عيب کان) پاڪ آهي، الله جنهن جي هٿ ۾ هر شيءِ جي بادشاهي آهي ۽ ان ڏانهن توهان کي موٽايو ويندو ٨٣

وقف غفران

ع ٥

آياتها ١٨٢ (٣٧) سُوْرَةُ الصّٰٓفّٰتِ مَكِّيَّةٌ (٥٦) رکوعاتها ٥

سورة الصّآفّات مکي آهي. هن ۾ هڪ سو ٻياسي آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

وَالصّٰٓفّٰتِ صَفًّا ۙ ﴿١﴾ فَالزّٰجِرٰتِ زَجْرًا ۙ ﴿٢﴾ فَالتّٰلِيٰتِ ذِكْرًا ۙ ﴿٣﴾ اِنَّ

انهن فرشتن جو قسم! (جيڪي آسمانن ۾ عبادت يا فضا ۾ حڪم خداونديءَ جي انتظار ۾) صفون ٻڌي بيهن ٿا ١ پوءِ

هڪليندڙ فرشتن (يا قرآن جي آواز يا ٺاهه ڪاٺيندڙ گهوڙن) جو قسم! ٢ پوءِ قرآن کي پڙهڻ وارن جو قسم! ٣ بيشڪ توهان

المنزل السادس ٦

اِلٰهَكُمْ لَوَاحِدٌ ﴿٤﴾ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا وَرَبُّ

جو معبود هڪ (الله) آهي ٤ آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي شيون انهن جي وچ ۾ آهن، انهن جو ربّ ۽ (ٽن سؤ سٺ اولهن ۽ ٽن

الْمَشَارِقِ ﴿٥﴾ اِنَّا زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِزِيْنَةِ ِۨالْكَوَاكِبِ ﴿٦﴾ وَحِفْظًا

سؤ سٺ) اوڀرن جو ربّ آهي ٥ بيشڪ اسان هن (ويجهي) دنياوي آسمان کي ستارن سان سينگاريو آهي ٦ ۽ ان کي هر

مِّنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ مَّارِدٍ ﴿٧﴾ لَا يَسَّمَّعُوْنَ اِلَى الْمَلَاِ الْاَعْلٰى وَيُقْذَفُوْنَ

نِڌَر شيطان کان محفوظ رکيو ٧ اهي مقرب فرشتن جون ڳالهيون ٻڌي نٿا سگهن (ته ڇا ٿا چون ۽ ڇا ٿا لکن؟) ۽ کين هر

مِنْ كُلِّ جَانِبٍ ﴿٨﴾ دُحُوْرًا وَّلَهُمْ عَذَابٌ وَّاصِبٌ ﴿٩﴾ اِلَّا مَنْ

پاسي کان (تارن جي امارڙين سان) ڇٽيو وڃي ٿو ٨ خواريءَ سان تڙيا وڃن ٿا ۽ سندن لاءِ دائمي عذاب آهي ٩ مگر

خَطِفَ الْخَطْفَةَ فَاَتْبَعَهٗ شِهَابٌ ثَاقِبٌ ﴿١٠﴾ فَاسْتَفْتِهِمْ اَهُمْ اَشَدُّ

جيڪو (شيطان) ڳالهه جهٽيندو آهي ته ٻرندڙ تارو سندس پويان لڳندو آهي ١٠ پوءِ (اي محمد ﷺ!) مڪي وارن کان پڇ

خَلْقًا اَمْ مَّنْ خَلَقْنَا ۭ اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّنْ طِيْنٍ لَّازِبٍ ﴿١١﴾ بَلْ عَجِبْتَ

ته پيدائش ۾ ڪير وڌيڪ طاقتور آهي (اهي شيطان) يا (فرشتا) جن کي اسان پيدا ڪيو آهي؟ بيشڪ اسان انهن (انسانن) کي
چيڪي مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي ١١ بلڪ تون (سندن ڪُوڙي ڪرڻ تي) عجب ڪرين ٿو ۽ اهي (تنهنجي تعجب تي اي محمد

وَيَسْخَرُوْنَ ﴿١٢﴾ وَاِذَا ذُكِّرُوْا لَا يَذْكُرُوْنَ ﴿١٣﴾ وَاِذَا رَاَوْا اٰيَةً

ﷺ!) ٺٺوليون ڪن ٿا ١٢ ۽ جڏهن کين نصيحت ڪجي ٿي ته نصيحت نٿا وٺن ١٣ ۽ جڏهن (تنهنجي سچائيءَ جي) ڪا

يَّسْتَسْخِرُوْنَ ﴿١٤﴾ وَقَالُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾ ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا

نشاني ڏسن ٿا ته (مؤمنن تي) ٺٺوليون ڪن ٿا ١٤ ۽ چون ٿا ته هيءُ (قرآن) پڌرو جادو آهي ١٥ ڇا جڏهن مري مٽي ۽

تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ﴿١٦﴾ اَوَاٰبَآؤُنَا الْاَوَّلُوْنَ ﴿١٧﴾ قُلْ نَعَمْ

هڏيون ٿي ويندا سون ته واقعي اسان کي وري جياريو ويندو؟ ١٦ ۽ اسان جي اڳين ابن ڏاڏن کي به؟ ١٧ فرماءِ ته هائو!

وَاَنْتُمْ دَاخِرُوْنَ ۚ ﴿١٨﴾ فَاِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ فَاِذَا هُمْ يَنْظُرُوْنَ ﴿١٩﴾ وَقَالُوْا

توهان (سيني) کي جيارو ويندو ۽ توهان خوار ٿي حاضر ٿيندا (١٨) پوءِ اهو (صور ۾ ڦوڪڻ تہ رڳو) هڪ دڙڪو آهي، پوءِ

يٰوَيْلَنَا هٰذَا يَوْمُ الدِّيْنِ ﴿٢٠﴾ هٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ

اوچتو اهي ڏسندا رهجي ويندا (١٩) ۽ (ڪافر) چوندا تہ هاءِ اسان تي افسوس! هيءُ آهي بدلي جو ڏينهن (٢٠) (الله

تُكَذِّبُوْنَ ﴿٢١﴾ اُحْشُرُوا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا وَاَزْوَاجَهُمْ وَمَا كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ ﴿٢٢﴾

فرمائيندو تہ) اهو ئي فيصلي جو ڏينهن آهي، جنهن کي توهان ڪوڙو ڪندا هئا (٢١) (پوءِ ملائڪن کي حڪم ڪيو ويندو تہ هنن)
ظالمن (۽ ڪافرن) ۽ سندن ساٿين ۽ انهن جي معبودن کي (محشر جي ميدان ۾) گڏ ڪريو (٢٢) (جن کي) الله کان سواءِ

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَاهْدُوْهُمْ اِلٰى صِرَاطِ الْجَحِيْمِ ﴿٢٣﴾ وَقِفُوْهُمْ اِنَّهُمْ

(پوڄيندا هئا) پوءِ انهن کي جهنم جي واٽ ونايو (٢٣) ۽ (هائو!) کين اتي بيهاريو! انهن کان (سندن عملن ۽

مَّسْـُٔوْلُوْنَ ﴿٢٤﴾ مَا لَكُمْ لَا تَنَاصَرُوْنَ ﴿٢٥﴾ بَلْ هُمُ الْيَوْمَ مُسْتَسْلِمُوْنَ ﴿٢٦﴾

سندن ڳالهين جي باري ۾) پڇاڻو ٿيڻو آهي (٢٤) (حقارت وچان کين چيو ويندو تہ) ڇاڃي ڪري اڄ هڪ ٻئي جي مدد
نٿا ڪريو؟ (٢٥) بلڪ اڄ اهي ڪنڌ جهڪائي بيٺا آهن (اڙي مسڪين! دنيا ۾ ڪٿي هئين؟ جو اڄ ڪامياب ٿئين ها) (٢٦)

وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٢٧﴾ قَالُوْٓا اِنَّكُمْ كُنْتُمْ تَاْتُوْنَنَا

۽ (پوئلڳ ۽ اڳواڻ) هڪ ٻئي وٽ اچي پڇا ڳاڇا ڪندا (٢٧) (پوئلڳ اڳواڻن کي) چوندا تہ بيشڪ توهين اسان وٽ

عَنِ الْيَمِيْنِ ﴿٢٨﴾ قَالُوْا بَلْ لَّمْ تَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ۚ ﴿٢٩﴾ وَمَا كَانَ لَنَا

ساڄي (۽ ڪاٻي يعني هر) طرف کان ايندا هئا (۽ اسان کي فريب ڏيندا رهندا هئا) (٢٨) (سندن اڳواڻ) چوندا تہ بلڪ
توهين پاڻ ايماندار (۽ خدا ۽ رسول ﷺ جا فرمانبردار) نہ هئا (٢٩) ۽ اسان جي توهان تي ڪا حجت ۽ زور

عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ ۚ بَلْ كُنْتُمْ قَوْمًا طٰغِيْنَ ﴿٣٠﴾ فَحَقَّ عَلَيْنَا قَوْلُ

زبردستي تہ نہ هئي، بلڪ توهين پاڻ سرڪشي ڪندڙ هئا (٣٠) پوءِ اسان تي اسان جي ربّ جو فرمان ثابت ٿي

رَبِّنَآ ۖ اِنَّا لَذَآئِقُوْنَ ﴿٣١﴾ فَاَغْوَيْنٰكُمْ اِنَّا كُنَّا غٰوِيْنَ ﴿٣٢﴾ فَاِنَّهُمْ يَوْمَئِذٍ

چڪو. بيشڪ اسين (عذاب) چکڻ وارا آهيون (٣١) پوءِ توهان کي گمراه ڪيوسون، بيشڪ اسين پاڻ ئي گمراه هئاسون (۽
جيڪو شخص گمراهن جي واٽ تي هلندو، سو لازماً گمراه ٿي ويندو.) (٣٢) پوءِ بيشڪ اهي (اڳواڻ ۽ پوئلڳ) اڄ عذاب ۾

فِي الْعَذَابِ مُشْتَرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ ﴿٣٤﴾ اِنَّهُمْ

هڪ ٻئي سان گڏ شريڪ آهن ﴿٣٣﴾ بيشڪ اسين ڏوهارين سان ائين ئي ڪندا آهيون ﴿٣٤﴾ بيشڪ جڏهن کين چيو ويندو

كَانُوْٓا اِذَا قِيْلَ لَهُمْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَيَقُوْلُوْنَ اَئِنَّا

هو ته الله کان سواءِ ڪو معبود نه آهي ته وڏائي ڪندا هئا ﴿٣٥﴾ ۽ چوندا هئا ته ڇا اسين هڪڙي چريي شاعر جي چوڻ تي

لَتَارِكُوْٓا اٰلِهَتِنَا لِشَاعِرٍ مَّجْنُوْنٍ ﴿٣٦﴾ بَلْ جَآءَ بِالْحَقِّ وَصَدَّقَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣٧﴾

پنهنجن معبودن کي ڇڏڻ وارا آهيون؟ ﴿٣٦﴾ (انهن ڪافرن جي ڳالهه کي رد ڪندي، الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو ته)
بلڪ (پيغمبر پاڪ ﷺ جن) انهن وٽ حقّ آندو آهي ۽ (اڳين) رسولن جي تصديق ڪئي اٿن ﴿٣٧﴾ بيشڪ توهان

اِنَّكُمْ لَذَآئِقُوا الْعَذَابِ الْاَلِيْمِ ﴿٣٨﴾ وَمَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ

ڏکوئيندڙ عذاب جو مزو چکڻ وارا آهيو ﴿٣٨﴾ ۽ توهان کي رڳو انهن ئي ڪمن جو بدلو ڏنو ويندو، جيڪي توهان

تَعْمَلُوْنَ ﴿٣٩﴾ اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٤٠﴾ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ رِزْقٌ مَّعْلُوْمٌ ﴿٤١﴾

(دنيا ۾) ڪندا هئا ﴿٣٩﴾ سواءِ الله جي مخلص ٻانهن جي ﴿٤٠﴾ سندن لاءِ (صبح ۽ شام) ڄاتل سڃاتل روزي آهي ﴿٤١﴾

فَوَاكِهُ وَهُمْ مُّكْرَمُوْنَ ﴿٤٢﴾ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٤٣﴾ عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿٤٤﴾

ميون مان ۽ کين عزت ڏني ويندي ﴿٤٢﴾ نعمتن وارن باغن ۾ هوندا ﴿٤٣﴾ تختن تي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هوندا ﴿٤٤﴾

يُطَافُ عَلَيْهِمْ بِكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ ﴿٤٥﴾ بَيْضَآءَ لَذَّةٍ لِّلشّٰرِبِيْنَ ﴿٤٦﴾ لَا

وٽن فرحت بخش شرابن جي پيالا گهمايا ويندا ﴿٤٥﴾ رنگ ۾ صاف شفاف ۽ پيئندڙن لاءِ لذت بخش ﴿٤٦﴾ ان جي پيئڻ

فِيْهَا غَوْلٌ وَّلَا هُمْ عَنْهَا يُنْزَفُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَعِنْدَهُمْ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ

سان نه متي ۾ ڦيري ايندي ۽ نه ان جي ڪري متن نشو چڙهندو ﴿٤٧﴾ ۽ وٽن وڏين اکين واريون، نگاهون هيٺ جهڪائيندڙ

عِيْنٌ ﴿٤٨﴾ كَاَنَّهُنَّ بَيْضٌ مَّكْنُوْنٌ ﴿٤٩﴾ فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ

حورون هونديون ﴿٤٨﴾ ڄڻ ته اهي (ان پکيءَ جا) لڪل آنا آهن ﴿٤٩﴾ پوءِ هڪ ٻئي ڏانهن ايندي ويندي پاڻ ۾ پڇا ڳاڇا

يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٥٠﴾ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ اِنِّیْ كَانَ لِیْ قَرِیْنٌ ﴿٥١﴾ یَّقُوْلُ

ــدا ٥٠ انهن مان هڪ چوندڙ چوندو تہ بيشڪ (دنيا ۾) منهنجو هڪڙو سنگتي هو (جنهن جو سوره ڪهف ۾ ذڪر

اَىِٕنَّكَ لَمِنَ الْمُصَدِّقِیْنَ ﴿٥٢﴾ ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا

آهي، جيڪو) ﴿٥١﴾ چوندو هو تہ چا واقعي تون (قيامت جي عقيدي جي) تصديق ڪندڙ آهين؟ ﴿٥٢﴾ چا جڏهن اسان
مري وينداسون ۽ مٽي ۽ هڏيون ٿي وينداسون تہ واقعي اسان کي بدلو ڏنو ويندو؟ ﴿٥٣﴾ (جنتين کي چوندو تہ)

لَمَدِیْنُوْنَ ﴿٥٣﴾ قَالَ هَلْ اَنْتُمْ مُّطَّلِعُوْنَ ﴿٥٤﴾ فَاطَّلَعَ فَرَاٰهُ فِیْ

ڇا توهان جهاتي پائي (ان کي) ڏسڻ وارا آهيو؟ ﴿٥٤﴾ پوءِ (پاڻ ئي) جهاتي پائي ان کي دوزخ جي وچ ۾

سَوَآءِ الْجَحِیْمِ ﴿٥٥﴾ قَالَ تَاللّٰهِ اِنْ كِدْتَّ لَتُرْدِیْنِ ﴿٥٦﴾ وَلَوْلَا نِعْمَةُ

ڏٺائين ﴿٥٥﴾ چوندو تہ الله جو قسم! (تنهنجي پيروي ڪريان ها تہ) ويجهو هو تہ مون کي هلاڪ ڪرين ها ﴿٥٦﴾ ۽ جيڪڏهن

رَبِّیْ لَكُنْتُ مِنَ الْمُحْضَرِیْنَ ﴿٥٧﴾ اَفَمَا نَحْنُ بِمَیِّتِیْنَ ﴿٥٨﴾ اِلَّا

منهنجي رب جي رحمت نہ هجي ها تہ پڪ آءٌ دوزخين مان ٿيان ها ﴿٥٧﴾ (بهشتي فرشتن کان) پڇندا تہ ڇا اسين مرڻ وارا نہ

مَوْتَتَنَا الْاُوْلٰى وَمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِیْنَ ﴿٥٩﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْفَوْزُ

آهيون؟ ﴿٥٨﴾ مگر پهريون موت (جنهن جو مزو چکي چڪاسون) ۽ اسان کي عذاب نہ ڏنو ويندو ﴿٥٩﴾ (فرشتا چوندا تہ) بيشڪ

الْعَظِیْمُ ﴿٦٠﴾ لِمِثْلِ هٰذَا فَلْیَعْمَلِ الْعٰمِلُوْنَ ﴿٦١﴾ اَذٰلِكَ خَیْرٌ نُّزُلًا

اها ئي وڏي ڪاميابي آهي ﴿٦٠﴾ (الله فرمائي ٿو تہ) پوءِ عمل ڪندڙن کي اهڙو ئي عمل ڪرڻ گهرجي ﴿٦١﴾ ڇا اها (ڄاڻايل

اَمْ شَجَرَةُ الزَّقُّوْمِ ﴿٦٢﴾ اِنَّا جَعَلْنٰهَا فِتْنَةً لِّلظّٰلِمِیْنَ ﴿٦٣﴾ اِنَّهَا شَجَرَةٌ

روزي ۽) مهماني چڱي آهي يا زقوم (ٿوهر) جو وڻ (چڱو آهي؟) ﴿٦٢﴾ بيشڪ اسان ان کي ظالمن لاءِ هڪڙي آزمائش ڪيو آهي،
(جيڪي انهيءَ کي ڪوڙي ڳالهہ سمجهندي، چوندا آهن تہ ٻلا باهہ ۾ وڻ ڪٿان ٿيندو؟) ﴿٦٣﴾ بيشڪ اهو هڪڙو وڻ آهي

تَخْرُجُ فِیْۤ اَصْلِ الْجَحِیْمِ ﴿٦٤﴾ طَلْعُهَا كَاَنَّهٗ رُءُوْسُ الشَّیٰطِیْنِ ﴿٦٥﴾

جيڪو دوزخ جي تري مان ڦٽي نڪري ٿو ﴿٦٤﴾ ان جون شاخون اهڙيون آهن، ڄڻ تہ شيطانن جا مٿا آهن ﴿٦٥﴾

فَاِنَّهُمْ لَاٰكِلُوْنَ مِنْهَا فَمَالِـُٔوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ ﴿٦٦﴾ ثُمَّ اِنَّ لَهُمْ

پوءِ بيشڪ اهي ان مان کائڻ وارا آهن. پوءِ (بک جي سختيءَ سبب) انهيءَ سان پنهنجا پيٽ ڀرڻ وارا آهن ﴿٦٦﴾ پوءِ بيشڪ
انهيءَ (ٿوهر) ۾ ڪين ٽهڪندڙ پاڻي ملائي پياريو ويندو، (جنهن سان سندن منهن ۽ جسمن جو گوشت ڳري ڪري پوندو ۽

عَلَيْهَا لَشَوْبًا مِّنْ حَمِيْمٍ ﴿٦٧﴾ ثُمَّ اِنَّ مَرْجِعَهُمْ لَاِلَى الْجَحِيْمِ ﴿٦٨﴾

سور ۽ سازي جي سختي ڪين ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندي.) ﴿٦٧﴾ پوءِ بيشڪ انهن جو موٽڻ دوزخ ڏانهن آهي ﴿٦٨﴾

اِنَّهُمْ اَلْفَوْا اٰبَآءَهُمْ ضَآلِّيْنَ ﴿٦٩﴾ فَهُمْ عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ يُهْرَعُوْنَ ﴿٧٠﴾

بيشڪ انهن پنهنجن ابن ڏاڏن کي گمراه لڌو ﴿٦٩﴾ پوءِ اهي انهن جي طريقي تي ڊوڙندا وتن ٿا ﴿٧٠﴾

وَلَقَدْ ضَلَّ قَبْلَهُمْ اَكْثَرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٧١﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا فِيْهِمْ

۽ بيشڪ انهن (قريش جي ڪافرن) کان اڳ بيشمار ماڻهو گمراه ٿي چڪا آهن ﴿٧١﴾ ۽ بيشڪ اسان منجهن

مُّنْذِرِيْنَ ﴿٧٢﴾ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿٧٣﴾ اِلَّا عِبَادَ

ڊيڄاريندڙ موڪليا ﴿٧٢﴾ پوءِ ڏس تہ جن کي ڊيڄاريو ويو، تن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ ﴿٧٣﴾ سواءِ الله جي مخلص

اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٧٤﴾ وَلَقَدْ نَادٰىنَا نُوْحٌ فَلَنِعْمَ الْمُجِيْبُوْنَ ﴿٧٥﴾ وَنَجَّيْنٰهُ

ٻانهن جي ﴿٧٤﴾ ۽ بيشڪ اسان کي نوح سڏيو، پوءِ (اسين) يقيناً ڏاڍو چڱو جواب ڏيندڙ آهيون ﴿٧٥﴾ ۽ کيس ۽ سندس

وَاَهْلَهٗ مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ﴿٧٦﴾ وَجَعَلْنَا ذُرِّيَّتَهٗ هُمُ الْبٰقِيْنَ ﴿٧٧﴾

گهر وارن کي وڏي وبال کان نجات ڏني سون ﴿٧٦﴾ ۽ سندس نسل کي ئي (قيامت تائين) باقي رکيوسون ﴿٧٧﴾

وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿٧٨﴾ سَلٰمٌ عَلٰى نُوْحٍ فِي الْعٰلَمِيْنَ ﴿٧٩﴾

۽ پوين (نسلن) ۾ سندس (چڱو نالو) ڇڏيوسون ﴿٧٨﴾ نوح (عليہ السلام) تي جهانن وارن ۾ سلام آهي ﴿٧٩﴾

اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٨٠﴾ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨١﴾

بيشڪ اسين نيڪي ڪندڙن کي اهڙو ئي بدلو ڏيندا آهيون ﴿٨٠﴾ بيشڪ اهو اسان جي مؤمن ٻانهن مان آهي ﴿٨١﴾

وقف لازم

ثُمَّ اَغْرَقْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿٨٢﴾ وَاِنَّ مِنْ شِيْعَتِهٖ لَاِبْرٰهِيْمَ ﴿٨٣﴾ اِذْ جَآءَ

پوءِ ٻين کي غرق ڪيوسون ﴿٨٢﴾ ۽ بيشڪ نوح (عليه السلام) جي دين وارن مان ابراهيم (عليه السلام) به آهي ﴿٨٣﴾ جڏهن پنهنجي

رَبَّهٗ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ﴿٨٤﴾ اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖ مَاذَا تَعْبُدُوْنَ ﴿٨٥﴾

ربّ وٽ سچي دل آندائين ﴿٨٤﴾ جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيائين ته ڪنهن جي ٿا عبادت ڪريو؟ ﴿٨٥﴾

اَئِفْكًا اٰلِهَةً دُوْنَ اللّٰهِ تُرِيْدُوْنَ ﴿٨٦﴾ فَمَا ظَنُّكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٧﴾

ڇا الله کان سواءِ هٿ ٺوڪيل معبودن کي پوڄيو ٿا؟ ﴿٨٦﴾ پوءِ جهانن جي ربّ جي باري ۾ توهان جو ڪهڙو گمان آهي ﴿٨٧﴾ ؟

فَنَظَرَ نَظْرَةً فِي النُّجُوْمِ ﴿٨٨﴾ فَقَالَ اِنِّيْ سَقِيْمٌ ﴿٨٩﴾ فَتَوَلَّوْا عَنْهُ مُدْبِرِيْنَ ﴿٩٠﴾

(جو انهيءَ هڪ الله کي ڇڏي ٻين باطل معبودن کي پوڄي رهيا آهيو؟) پوءِ هڪ نظر ڪٽي تارن ڏانهن نهاريائين ﴿٨٨﴾ پوءِ چيائين
ته بيشڪ آءٌ بيمار آهيان ﴿٨٩﴾ پوءِ (ماڻهن) انهيءَ (ابراهيم عليه السلام) کان منهن موڙيو ﴿٩٠﴾ پوءِ (لڪي) سندن معبودن وٽ آيو.

فَرَاغَ اِلٰٓى اٰلِهَتِهِمْ فَقَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٩١﴾ مَا لَكُمْ لَا تَنْطِقُوْنَ ﴿٩٢﴾

پوءِ (ٺٺول ڪندي ڪين) چيائين ته (جيڪو تبرّڪ توهان وٽ آيو آهي)، ڇا ڪائو نٿا؟ ﴿٩١﴾ ڳالهايو ڇو نٿا ؟ ﴿٩٢﴾

فَرَاغَ عَلَيْهِمْ ضَرْبًا بِالْيَمِيْنِ ﴿٩٣﴾ فَاَقْبَلُوْٓا اِلَيْهِ يَزِفُّوْنَ ﴿٩٤﴾ قَالَ

پوءِ (لڪي) پنهنجي ساڄي هٿ سان انهن کي سَٽڻ ڪٽڻ شروع ڪيائين ﴿٩٣﴾ پوءِ (ماڻهو) وٽس ڊوڙندا آيا ﴿٩٤﴾ (ابراهيم

اَتَعْبُدُوْنَ مَا تَنْحِتُوْنَ ﴿٩٥﴾ وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾ قَالُوا

عليه السلام) چيو ته ڇا جن (بتن) کي توهان پنهنجن هٿن سان ٺاهيو ٿا، انهن جي ئي عبادت ڪريو ٿا؟ ﴿٩٥﴾ حالانڪ توهان کي ۽
جيڪي ڪم توهين ڪريو ٿا، سيني کي الله ئي خلقيو آهي ﴿٩٦﴾ (پوءِ هڪ ٻئي کي) چيائون ته سندس لاءِ هڪ جاءِ (يعني ڪوري

ابْنُوْا لَهٗ بُنْيَانًا فَاَلْقُوْهُ فِي الْجَحِيْمِ ﴿٩٧﴾ فَاَرَادُوْا بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ

يا ڪامڻ) ٺاهيو، پوءِ ڪيس آڙاهه ۾ اُڇلايو ﴿٩٧﴾ پوءِ سندس خلاف هڪ رٿ رٿيائون. پوءِ اسان انهن کي ناڪام ۽ نامراد ڪري

الْاَسْفَلِيْنَ ﴿٩٨﴾ وَقَالَ اِنِّيْ ذَاهِبٌ اِلٰى رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ ﴿٩٩﴾ رَبِّ هَبْ

ڇڏيو ﴿٩٨﴾ ۽ (ابراهيم) چيو ته بيشڪ آءٌ پنهنجي ربّ ڏانهن هجرت ڪندڙ آهيان، سگهوئي مون کي هدايت ڏيندو ﴿٩٩﴾ ربّ

لِيْ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠٠﴾ فَبَشَّرْنٰهُ بِغُلٰمٍ حَلِيْمٍ ﴿١٠١﴾ فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ

منهنجا! مون کي صالح اولاد عطا فرماءِ ﴿١٠٠﴾ پوءِ کيس بردبار پٽ جي خوشخبري ڏني سون ﴿١٠١﴾ پوءِ جڏهن (سندس پٽ

السَّعْيَ قَالَ يٰبُنَيَّ اِنِّيْٓ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْٓ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا

اسماعيل (عليه السلام) ڊڪ ڊوڙ (يعني سٽن يا تيرهن سالن) جو ٿيو ته (ابراهيم عليه السلام) چيو ته اي منهنجا پٽڙا! بيشڪ آءٌ خواب

تَرٰى ۭ قَالَ يٰٓاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ ۡ سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَاۗءَ اللّٰهُ مِنَ

۾ ڏسان ٿو ته توکي ذبح ٿو ڪريان. پوءِ ڏس ته تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟ چيائين ته اي منهنجا ابا! جيڪو توکي حڪم

الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾ فَلَمَّآ اَسْلَمَا وَتَلَّهٗ لِلْجَبِيْنِ ﴿١٠٣﴾ ۚ وَنَادَيْنٰهُ اَنْ

ڪجي ٿو، تنهن تي عمل ڪر! الله گهريو ته سگهوئي مون کي صبر ڪندڙن مان لهندين ﴿١٠٢﴾ پوءِ جڏهن (دل ۾ جان

يّٰٓاِبْرٰهِيْمُ ﴿١٠٤﴾ ۙ قَدْ صَدَّقْتَ الرُّءْيَا ۚ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٠٥﴾

سان) ٻنهي (پيءُ پٽ اسان جو) حڪم مڃيو ۽ (پيءُ پنهنجي لال) اسماعيل کي پيشانيءَ ڀر ليٽايو ﴿١٠٣﴾ ۽ اسان ان کي سڏي چيو ته
اي ابراهيم! ﴿١٠٤﴾ بيشڪ تو پنهنجو خواب سچو ڪري ڏيکاريو. بيشڪ اسين نيڪي ڪندڙن کي اهڙو ئي بدلو ڏيندا آهيون ﴿١٠٥﴾

اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْبَلٰۗؤُا الْمُبِيْنُ ﴿١٠٦﴾ وَفَدَيْنٰهُ بِذِبْحٍ عَظِيْمٍ ﴿١٠٧﴾ وَ

بيشڪ اها ئي يقيناً پڌري آزمائش آهي ﴿١٠٦﴾ ۽ کيس ان جي بدلي ۾ وڏي قرباني ڏني سون ﴿١٠٧﴾ ۽

تَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٠٨﴾ ۖ سَلٰمٌ عَلٰٓي اِبْرٰهِيْمَ ﴿١٠٩﴾ كَذٰلِكَ نَجْزِي

پوين ۾ سندس (چڱو نالو) ڇڏيوسون ﴿١٠٨﴾ ابراهيم (عليه السلام) تي سلام آهي ﴿١٠٩﴾ اسين نيڪي ڪندڙن کي اهڙي طرح

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١١٠﴾ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١١﴾ وَبَشَّرْنٰهُ بِاِسْحٰقَ

بدلو ڏيندا آهيون ﴿١١٠﴾ بيشڪ اهو اسان جي مؤمن ٻانهن مان هو ﴿١١١﴾ ۽ کيس هڪ صالح پٽ، اسحاق نبي (عليه السلام) جي

نَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١١٢﴾ وَبٰرَكْنَا عَلَيْهِ وَعَلٰٓي اِسْحٰقَ ۭ وَمِنْ

خوشخبري ڏني سون ﴿١١٢﴾ ۽ کيس ۽ اسحاق (عليه السلام) کي برڪت بخشي سون (جو گهڻا پيغمبر سندن نسل مان آهن.)

ع ذُرِّيَّتِهِمَا مُحْسِنٌ وَّظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ مُبِيْنٌ ﴿١١٣﴾ ع وَلَقَدْ مَنَنَّا عَلٰى مُوْسٰى

بنهي جي اولاد مان ڪو نيڪ آهي ته ڪو پاڻ تي پڌرو ظلم ڪندڙ آهي ﴿١١٣﴾ ۽ بيشڪ موسىٰ (عليه السلام) ۽ هارون (عليه السلام) تي

وَهٰرُوْنَ ﴿١١٤﴾ ج وَنَجَّيْنٰهُمَا وَقَوْمَهُمَا مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ﴿١١٥﴾ ج وَ

احسان ڪيوسون ﴿١١٤﴾ ۽ بنهي کي ۽ سندن قوم کي وڏي وبال (يعني بڌڻ يا فرعون جي هٿان قتل ٿيڻ) کان بچايوسون ﴿١١٥﴾ ۽

نَصَرْنٰهُمْ فَكَانُوْا هُمُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿١١٦﴾ ج وَاٰتَيْنٰهُمَا الْكِتٰبَ الْمُسْتَبِيْنَ ﴿١١٧﴾ ج وَ

سندن مدد ڪئي سون، پوءِ اهي ئي (فرعونين تي) غالب ٿيا ﴿١١٦﴾ ۽ بنهي کي روشن ڪتاب ڏنوسون ﴿١١٧﴾ ۽ بنهي کي

هَدَيْنٰهُمَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿١١٨﴾ ج وَتَرَكْنَا عَلَيْهِمَا فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿١١٩﴾ لا

سڌي واٽ ڏيکاري سون ﴿١١٨﴾ ۽ پوين ۾ بنهي جو (چڱو نالو) ڇڏيوسون ﴿١١٩﴾ موسىٰ ۽ هارون تي سلام آهي ﴿١٢٠﴾

سَلٰمٌ عَلٰى مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿١٢٠﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٢١﴾ اِنَّهُمَا

بيشڪ اسين نيڪي ڪندڙن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون ﴿١٢١﴾ بيشڪ اهي ٻئي اسان جي مؤمن ٻانهن مان هئا ﴿١٢٢﴾

مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٢٢﴾ وَاِنَّ اِلْيَاسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٢٣﴾ ط اِذْ قَالَ

۽ بيشڪ الياس (عليه السلام) پيغمبرن مان آهي ﴿١٢٣﴾ جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين ته ڇا توهان نٿا ڊڄو؟ ﴿١٢٤﴾ ڇا

لِقَوْمِهٖٓ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٢٤﴾ اَتَدْعُوْنَ بَعْلًا وَّتَذَرُوْنَ اَحْسَنَ الْخَالِقِيْنَ ﴿١٢٥﴾ لا

بعل کي پڪاريو ٿا ۽ سڀ کان وڌيڪ سهڻي خالق کي ڇڏي ڏيو ٿا؟ ﴿١٢٥﴾ (يعني) الله کي، جيڪو توهان جو ۽ توهان

اللّٰهَ رَبَّكُمْ وَرَبَّ اٰبَآئِكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٢٦﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ ﴿١٢٧﴾ لا

جي اڳين ابن ڏاڏن جو رب آهي ﴿١٢٦﴾ پوءِ کيس ڪوڙو ڪيائون، پوءِ بيشڪ اهي (دوزخ ۾) يقيناً حاضر ٿيندڙ آهن ﴿١٢٧﴾

اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿١٢٨﴾ وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٢٩﴾ سَلٰمٌ عَلٰٓى

سواءِ الله تعالىٰ جي مخلص ٻانهن جي ﴿١٢٨﴾ ۽ پوين ۾ انهن جو (ذڪر خير) ڇڏيوسون ﴿١٢٩﴾ الياس (عليه السلام) تي

إِلْ يَاسِيْنَ ﴿١٣٠﴾ إِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣١﴾ إِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا

سلام آهي ﴿١٣٠﴾ بيشڪ اسين نيڪن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون ﴿١٣١﴾ بيشڪ اهو اسان جي مؤمن

الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٢﴾ وَإِنَّ لُوْطًا لَّمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٣٣﴾ إِذْ نَجَّيْنٰهُ وَأَهْلَهٗٓ

ٻانهن مان هو ﴿١٣٢﴾ ۽ بيشڪ لوط (عليه السلام) پيغمبرن مان آهي ﴿١٣٣﴾ جڏهن کيس ۽ سندس گهر وارن سڀني کي

أَجْمَعِيْنَ ﴿١٣٤﴾ إِلَّا عَجُوْزًا فِي الْغٰبِرِيْنَ ﴿١٣٥﴾ ثُمَّ دَمَّرْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿١٣٦﴾ وَإِنَّكُمْ

بچايوسون ﴿١٣٤﴾ سواءِ هڪڙي پوڙهيءَ (يعني لوط عليه السلام جي زال) جي، جيڪا پوئتي رهندڙن مان هئي ﴿١٣٥﴾ پوءِ

لَتَمُرُّوْنَ عَلَيْهِمْ مُّصْبِحِيْنَ ﴿١٣٧﴾ وَبِالَّيْلِ ؕ أَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٣٨﴾ وَإِنَّ

ٻين کي هلاڪ ڪيوسون ﴿١٣٦﴾ ۽ بيشڪ (اي مڪي وارو! مسافريءَ ۾) توهان انهن (وسندين جي ڪنڊرن) وٽان صبح جو
گذرندا رهو ٿا ﴿١٣٧﴾ ۽ رات جو بہ (گذرندا رهو ٿا)، ڇا پوءِ عقل کان ڪم نٿا وٺو (۽ عبرت نٿا وٺو) ﴿١٣٨﴾ ۽ بيشڪ

يُوْنُسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٣٩﴾ إِذْ أَبَقَ إِلَى الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١٤٠﴾

يونس (عليه السلام) يقينًا پيغمبرن مان آهي ﴿١٣٩﴾ جڏهن (ڪاوڙجي) ڀريل ٻيڙيءَ ڏانهن ڀڳو ﴿١٤٠﴾

فَسَاهَمَ فَكَانَ مِنَ الْمُدْحَضِيْنَ ﴿١٤١﴾ فَالْتَقَمَهُ الْحُوْتُ وَهُوَ مُلِيْمٌ ﴿١٤٢﴾

پوءِ پُڪو وڌائون تہ پُڪو سندس نالي تي نڪتو ﴿١٤١﴾ پوءِ کيس مڇي ڳهي وئي ۽ اهو پاڻ تي ملامت ڪرڻ لڳو ﴿١٤٢﴾

فَلَوْلَا أَنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُسَبِّحِيْنَ ﴿١٤٣﴾ لَلَبِثَ فِي بَطْنِهٖٓ إِلَى يَوْمِ

پوءِ جيڪڏهن (مڇيءَ جي پيٽ ۾) تسبيح ڪندڙن مان نہ ٿئي ها ﴿١٤٣﴾ تہ يقينًا ان ۾ قيامت جي ڏينهن تائين رهي

النصف

يُبْعَثُوْنَ ﴿١٤٤﴾ فَنَبَذْنٰهُ بِالْعَرَاءِ وَهُوَ سَقِيْمٌ ﴿١٤٥﴾ وَأَنْۢبَتْنَا عَلَيْهِ شَجَرَةً

ها ﴿١٤٤﴾ پوءِ کيس ڪشادي (۽ خالي) ميدان ۾ اڇلايوسون ۽ اهو (ڪبوتر جي ٻچي وانگر هيڻو ۽) بيمار هو ﴿١٤٥﴾ ۽ مٿس ڪدوءَ

مِّنْ يَّقْطِيْنٍ ﴿١٤٦﴾ وَأَرْسَلْنٰهُ إِلَى مِائَةِ أَلْفٍ أَوْ يَزِيْدُوْنَ ﴿١٤٧﴾ فَاٰمَنُوْا

جي وِل ڦٽائي سون (تہ جيئن ان جي ڇانوَ وني ۾ مکين وغيره کان محفوظ رهي.) ﴿١٤٦﴾ ۽ کيس هڪ لک يا وڌيڪ ماڻهن

فَمَتَّعْنٰهُمْ اِلٰى حِيْنٍ ﴿۱۴۸﴾ فَاسْتَفْتِهِمْ اَلِرَبِّكَ الْبَنَاتُ وَلَهُمُ

ڏانهن موڪليوسون ﴿۱۴۷﴾ پوءِ (اسان جو عذاب ڏسي) ايمان آندائون تہ ڪين هڪ مدت تائين فائدو ڏنوسون ﴿۱۴۸﴾ پوءِ (اي
پيغمبر ﷺ!) انهن (لعنتين) کان پڇ (جيڪي فرشتن کي الله جون ڌيئرون چون ٿا تہ) ڇا تنهنجي ربّ لاءِ نياڻيون ۽ سندن لاءِ

الْبَنُوْنَ ﴿۱۴۹﴾ اَمْ خَلَقْنَا الْمَلٰٓئِكَةَ اِنَاثًا وَّهُمْ شٰهِدُوْنَ ﴿۱۵۰﴾ اَلَآ اِنَّهُمْ

پٽ آهن؟ ﴿۱۴۹﴾ يا اسان فرشتن کي نياڻيون ڪري پيدا ڪيو آهي ۽ اهي حاضر هئا ﴿۱۵۰﴾ ٻڌو! بيشڪ اها سندن ٺئي

مِّنْ اِفْكِهِمْ لَيَقُوْلُوْنَ ﴿۱۵۱﴾ وَلَدَ اللّٰهُ وَاِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۱۵۲﴾ اَصْطَفَى

ٺاهيل ڪُوڙي ڳالهہ آهي، جيڪا اهي چون ٿا ﴿۱۵۱﴾ (تہ) الله اولاد ڄڻيو آهي ۽ بيشڪ اهي ڪُوڙا آهن ﴿۱۵۲﴾ ڇا الله (پنهنجي لاءِ) پٽن

الْبَنَاتِ عَلَى الْبَنِيْنَ ﴿۱۵۳﴾ مَا لَكُمْ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿۱۵۴﴾ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۱۵۵﴾

مٿان نياڻين کي چونڊيو؟ ﴿۱۵۳﴾ توهان کي ڇا ٿيو آهي؟ ڪيئن فيصلو ٿا ڪريو ﴿۱۵۴﴾ ڇا پوءِ نصيحت حاصل نٿا ڪريو ﴿۱۵۵﴾

اَمْ لَكُمْ سُلْطٰنٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۵۶﴾ فَاْتُوْا بِكِتٰبِكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۱۵۷﴾ وَجَعَلُوْا بَيْنَهٗ

يا توهان وٽ ڪو پڌرو دليل آهي؟ ﴿۱۵۶﴾ پوءِ پنهنجو ڪتاب آڻيو، جيڪڏهن سچا آهيو ﴿۱۵۷﴾ ۽ (مشرڪن) الله ۽ جنن جي وچ ۾

وَبَيْنَ الْجِنَّةِ نَسَبًا وَلَقَدْ عَلِمَتِ الْجِنَّةُ اِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ ﴿۱۵۸﴾ سُبْحٰنَ

نسب ڳنڍيو آهي ۽ بيشڪ جنن کي ڄاڻ آهي تہ اهي (دوزخ ۾) حاضر ٿيڻ وارا آهن ﴿۱۵۸﴾ جيڪي ٺاهہ ٺاهين ٿا، تن کان

اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۱۵۹﴾ اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿۱۶۰﴾ فَاِنَّكُمْ وَمَا

الله پاڪ آهي ﴿۱۵۹﴾ سواءِ الله جي مخلص ٻانهن جي (جيڪي دوزخ کان بچڻ وارا آهن) ﴿۱۶۰﴾ پوءِ بيشڪ توهين ۽ (توهان جا

تَعْبُدُوْنَ ﴿۱۶۱﴾ مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ بِفٰتِنِيْنَ ﴿۱۶۲﴾ اِلَّا مَنْ هُوَ صَالِ الْجَحِيْمِ ﴿۱۶۳﴾

معبود) جن کي پوڄيو ٿا ﴿۱۶۱﴾ توهين ڪيس (شرڪ، گمراهي ۾) فتني ۾ وجهڻ وارا نہ آهيو ﴿۱۶۲﴾ مگر جيڪو شخص

وَمَا مِنَّآ اِلَّا لَهٗ مَقَامٌ مَّعْلُوْمٌ ﴿۱۶۴﴾ وَّاِنَّا لَنَحْنُ الصَّآفُّوْنَ ﴿۱۶۵﴾ وَاِنَّا

(الله جي ازلي علم مطابق) دوزخ ۾ پهچڻ وارو آهي ﴿۱۶۳﴾ ۽ (اي جبريل عليه السلام! فرماءِ تہ اي محمد ﷺ!) اسان مان هر هڪ لاءِ
(عبادت جو مقام مقرر آهي) ﴿۱۶۴﴾ ۽ بيشڪ اسين (نماز ۾) صفون ٻڌي بيهڻ وارا آهيون ﴿۱۶۵﴾ ۽ بيشڪ اسين (الله جي) تسبيح

لَنَحْنُ الْمُسَبِّحُوْنَ ﴿١٦٦﴾ وَاِنْ كَانُوْا لَيَقُوْلُوْنَ ﴿١٦٧﴾ لَوْ اَنَّ عِنْدَنَا ذِكْرًا مِّنَ

ڪندڙ آهيون ﴿١٦٦﴾ ۽ جيتوڻيڪ (مڪي جا ڪافر حضرت محمد ﷺ جن جي نبوت کان اڳ) چوندا هُئا ﴿١٦٧﴾ تہ جيڪر اسان

الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٦٨﴾ لَكُنَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿١٦٩﴾ فَكَفَرُوْا بِهٖ فَسَوْفَ

وٽ بہ اڳين ڪتابن (يعني توريت ۽ انجيل وانگر) نصيحت (جو هڪڙو ڪتاب) هجي ها ﴿١٦٨﴾ تہ البت ضرور اسين بہ الله جي مخلص
ٻانهن مان ٿيون ها ﴿١٦٩﴾ پوءِ (جڏهن وٽن قرآن مجيد آيو تہ) ان جو انڪار ڪيائون. بس! سگهو ئي (پنهنجي ڪفر جي پڇاڙيءَ ڪي)

يَعْلَمُوْنَ ﴿١٧٠﴾ وَلَقَدْ سَبَقَتْ كَلِمَتُنَا لِعِبَادِنَا الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٧١﴾ اِنَّهُمْ لَهُمُ

ڄاڻندا ﴿١٧٠﴾ ۽ بيشڪ پنهنجن ٻانهن (يعني پيغمبرن) جي باري ۾ اسان جو فرمان اڳ ۾ گذري چڪو آهي ﴿١٧١﴾ تہ دراصل

الْمَنْصُوْرُوْنَ ﴿١٧٢﴾ وَاِنَّ جُنْدَنَا لَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿١٧٣﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى

اهي ئي آهن، جن کي مدد ڏنل آهي ﴿١٧٢﴾ ۽ بيشڪ اسان جا لشڪر ئي غالب آهن ﴿١٧٣﴾ پوءِ (اي مُحَمَّد ﷺ!) انهن کان مقرر

حِيْنٍ ﴿١٧٤﴾ وَّاَبْصِرْهُمْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧٥﴾ اَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿١٧٦﴾

مدّت (يعني، جهاد جي حڪم جي اچڻ) تائين منهن موڙ ﴿١٧٤﴾ ۽ ڪين (عذاب جي اچڻ تائين) ڏسندو رهہ. پوءِ بيشڪ اهي بہ سگهوئي
(ٿئولين جي ڪري پنهنجي گهربل عذاب کي) ڏسندا ﴿١٧٥﴾ ڇا پوءِ اسان جي عذاب جي باري ۾ جلدي ڪري رهيا آهن؟ ﴿١٧٦﴾

فَاِذَا نَزَلَ بِسَاحَتِهِمْ فَسَآءَ صَبَاحُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿١٧٧﴾ وَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى

پوءِ جڏهن سندن ميدانَ ۾ (عذاب) ايندو تہ پوءِ ڊيڄاريل ماڻهن جي صبح ڏاڍي بڇڙي ٿيندي ﴿١٧٧﴾ ۽ انهن کان مقرر

حِيْنٍ ﴿١٧٨﴾ وَّاَبْصِرْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧٩﴾ سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ

مدّت تائين منهن موڙ ﴿١٧٨﴾ ۽ ڪين ڏسندو رهہ، سگهوئي اهي بہ ڏسي وٺندا ﴿١٧٩﴾ تنهنجو ربّ سندن (ڪُوڙن) ڳاهن

عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٨٠﴾ وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٨١﴾ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ

کان پاڪ (۽) عزت وارو ربّ آهي ﴿١٨٠﴾ ۽ پيغمبرن تي سلامتي آهي ﴿١٨١﴾ ۽ سڀ ساراهہ جهانن جي ربّ

ع ٥ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٨٢﴾

الله لاءِ آهي ﴿١٨٢﴾

سُوْرَةُ صٓ مَكِّيَّةٌ (٣٨)

اٰيَاتُهَا ٨٨ — (٣٨) — رُكُوْعَاتُهَا ٥

سورة صٓ مڪي آهي. هن ۾ اناسي آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

عزت جي مالڪ الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

صٓ وَالْقُرْاٰنِ ذِی الذِّكْرِ ① بَلِ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا فِیْ عِزَّةٍ وَّشِقَاقٍ ②

صٓ نصيحت واري (هن) قرآن جو قسم آهي (ته توهان وٽ حقّ اچي چڪو آهي) ① بلڪ (اهي مڪي جا) ڪافر

كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ فَنَادَوْا وَّلَاتَ حِیْنَ مَنَاصٍ ③

(حضرت محمد ﷺ جن جي نبوت کان) وڏائي ۽ دشمني ۾ (مبتلا) آهن ② انهن کان اڳ ڪيترين ئي قومون اسين هلاڪ ڪري چڪا آهيون، پوءِ انهن (اسان ڪي مدد جي لاءِ) پڪاريو حالانڪ اهو ڀڄڻ جو وقت نه هوندو آهي ③ ۽ (مڪي وارن)

وَعَجِبُوْۤا اَنْ جَآءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ٘ وَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا سٰحِرٌ

تعجب ڪيو ته وٽن سندن (نسب ۽ نسل) مان هڪ ڊيڄاريندڙ (رسول محمد ﷺ) آيو ۽ ڪافرن چيو ته هيءُ ڪوڙو جادوگر

كَذَّابٌ ④ اَجَعَلَ الْاٰلِهَةَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ اِنَّ هٰذَا لَشَیْءٌ عُجَابٌ ⑤

آهي ④ (۽ ٺٺوليون ڪندي چيائون ته) ڇا ايترن معبودن کي سڏي هڪ خدا ٺهرايو اٿس، اها ته عجيب ڳالهه آهي ⑤

وَانْطَلَقَ الْمَلَاُ مِنْهُمْ اَنِ امْشُوْا وَاصْبِرُوْا عَلٰۤی اٰلِهَتِكُمْ ۚ اِنَّ هٰذَا

۽ انهن جا سردار (ابوطالب جي مجلس مان) اٿيا ته هلو ۽ پنهنجن معبودن تي صبر ڪريو. بيشڪ اها ته

لَشَیْءٌ یُّرَادُ ⑥ مَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِی الْمِلَّةِ الْاٰخِرَةِ ۚ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا

رڌ ڪرڻ جهڙي شيءِ آهي ⑥ اها ڳالهه اسان (قريش جي) پوين قومن ۾ ته نه ٻڌي آهي. اهو ته رڳو ڪوڙو

اخْتِلَاقٌ ⑦ ءَاُنْزِلَ عَلَیْهِ الذِّكْرُ مِنْۢ بَیْنِنَا ؕ بَلْ هُمْ فِیْ شَكٍّ مِّنْ

ٺاهه آهي ⑦ ڇا اسان جي بجاءِ مٿس ذڪر (يعني قرآن) لاٿو ويو آهي؟ بلڪ اهي منهنجي ذڪر کان شڪ ۾ آهن، بلڪ

ذِكْرِيْ ۚ بَلْ لَّمَّا يَذُوْقُوْا عَذَابِ ۸ اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآىِٕنُ رَحْمَةِ

جڏهن اهي عذاب چکندا (تڏهن ايمان آڻيندا.) ۸ چا وٽن تنهنجي غالب، (بي انتها) بخشش فرمائيندڙ ربّ جي

رَبِّكَ الْعَزِيْزِ الْوَهَّابِ ۹ اَمْ لَهُمْ مُّلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۫ قف

رحمت جا خزانا آهن؟ ۹ يا سندن لاءِ آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي انهن ۾ آهن، تن جي بادشاهي آهي؟ پوءِ آسمانن جي

فَلْيَرْتَقُوْا فِي الْاَسْبَابِ ۱۰ جُنْدٌ مَّا هُنَالِكَ مَهْزُوْمٌ مِّنَ الْاَحْزَابِ ۱۱

دروازن مان چڙهي (پنهنجي پسند مطابق وحي آڻين) ۱۰ (اي محمد ﷺ گهٽتي نه ڪر) اهو هڪ هارايل لشڪر آهي (جنهن

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّعَادٌ وَّفِرْعَوْنُ ذُو الْاَوْتَادِ ۱۲ وَثَمُوْدُ وَ

کي جنگ بدر ۾ شڪست ٿي.) ۱۱ انهن کان اڳ نوح (عليه السلام) ۽ (هود عليه السلام جي) قوم عاد ۽ (مخالفن کي) ميخن (جو عذاب

قَوْمُ لُوْطٍ وَّاَصْحٰبُ لْــَٔيْكَةِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ الْاَحْزَابُ ۱۳ اِنْ كُلٌّ اِلَّا كَذَّبَ

ڏيندڙ) فرعون (بہ پنهنجن پنهنجن پيغمبرن کي) ڪوڙو ڪيو ۱۲ ۽ (صالح عليه السلام جي قوم) ثمود ۽ لوط (عليه السلام) جي قوم ۽ شعيب (عليه السلام)
جي قوم. انهن قومن (رسولن سان دشمني ڪئي.) ۱۳ سيني رسولن کي ڪوڙو ڪيو (چاڪاڻ تہ هڪ پيغمبر کي ڪوڙو ڪرڻ، سيني کي

ع ۱۰
الرُّسُلَ فَحَقَّ عِقَابِ ۱۴ وَمَا يَنْظُرُ هٰٓؤُلَاۗءِ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً مَّا لَهَا

ڪوڙو ڪرڻ آهي.) پوءِ مٿن منهنجو عذاب واقع ٿيو ۱۴ اهي (مڪي جا ڪافر) رڳو هڪڙي رڙ (يعني پهرئين صور) جو انتظار ڪن

مِنْ فَوَاقٍ ۱۵ وَقَالُوْا رَبَّنَا عَجِّلْ لَّنَا قِطَّنَا قَبْلَ يَوْمِ الْحِسَابِ ۱۶

تہ، جنهن ۾ مهلت نہ هوندي ۱۵ ۽ (مشرڪ ٺٺوليون ڪندي) چون تہ اي ربّ اسان جا! اسان کي اسان (جي عذاب) جو حصو حساب جي
ڏينهن کان اڳ (۽) جلدي ڏي (جنهن جو هي ۽ شخص) (اسان کي چتاءُ ڏئي رهيو آهي) ۱۶ (اي مُحَمَّد ﷺ!) جيڪي ڪجهہ چون تہ،

اِصْبِرْ عَلٰي مَا يَقُوْلُوْنَ وَاذْكُرْ عَبْدَنَا دَاوٗدَ ذَا الْاَيْدِ ۚ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ۱۷

ان تي صبر ڪر ۽ اسان جي سگهاري ٻانهي دائود (جي عاجزي ۽ استغفار ڪي) ياد ڪر. بيشڪ اهو رجوع ڪندڙ هو ۱۷

اِنَّا سَخَّرْنَا الْجِبَالَ مَعَهٗ يُسَبِّحْنَ بِالْعَشِيِّ وَالْاِشْرَاقِ ۱۸ وَالطَّيْرَ

بيشڪ اسان سندس لاءِ جبلن کي تابع ڪيو، جيئن شام ۽ صبح جي وقتن ۾ سندس تسبيح جو جواب ڏين ۱۸ ۽ پکين کي

مَحْشُوْرَةً ؕ كُلٌّ لَّهٗۤ اَوَّابٌ ﴿۱۹﴾ وَشَدَدْنَا مُلْكَهٗ وَاٰتَيْنٰهُ الْحِكْمَةَ وَ

(سندس تابع ڪيوسون، جيڪي ساڻس گڏجي تسبيح ڪندا هئا). سڀ ان جا تابع هئا ﴿۱۹﴾ ۽ اسان سندس بادشاهيءَ ڪي (عدل، احسان، تائيد، هيبت ۽ سپاهين جي گهڻائي سان) مضبوط ڪيو. (هر رات ٽيهه هزار ٽي سو سپاهي سندس محراب جي حفاظت

وقف لازم

فَصْلَ الْخِطَابِ ﴿۲۰﴾ وَهَلْ اَتٰىكَ نَبَؤُا الْخَصْمِ ۘ اِذْ تَسَوَّرُوا الْمِحْرَابَ ﴿۲۱﴾ لا

ڪندا هئا) ۽ ڪيس حڪمت سان نوازيوسون (تنهن ڪري سندس هر ڪم درست هو) ۽ (ڪيس) ڳالهائڻ جي قوت ڏني سون ﴿۲۰﴾ ۽ ڇا تو وٽ ٻن تڪراري ڌرين (يعني جبريل ۽ ميڪائيل عليهما السلام) جي خبر آئي؟ جڏهن محراب (جي ڀت) تي چڙهي اندر آيا ﴿۲۱﴾

اِذْ دَخَلُوْا عَلٰى دَاوٗدَ فَفَزِعَ مِنْهُمْ قَالُوْا لَا تَخَفْ ۚ خَصْمٰنِ بَغٰى بَعْضُنَا

جڏهن (اجازت کان سواءِ انساني صورت ۾) دائود (عليه السلام) وٽ داخل ٿيا ته پوءِ انهن کان ڊنو. انهن چيو ته ڊڄ نه! اسين ٻه

عَلٰى بَعْضٍ فَاحْكُمْ بَيْنَنَا بِالْحَقِّ وَلَا تُشْطِطْ وَاهْدِنَاۤ اِلٰى سَوَآءِ

تڪراري ڌريون آهيون، هڪ ٻئي تي ظلم ڪيو آهي، پوءِ اسان جي وچ ۾ حقّ سان فيصلو ڪر ۽ (پنهنجي فيصلي

الصِّرَاطِ ﴿۲۲﴾ اِنَّ هٰذَاۤ اَخِيْ ۟ قف لَهٗ تِسْعٌ وَّتِسْعُوْنَ نَعْجَةً وَّلِيَ نَعْجَةٌ

۾) نا انصافي نه ڪر ۽ اسان کي سڌي واٽ ڏيکار ﴿۲۲﴾ (انهن مان هڪڙي چيو ته) بيشڪ منهنجي هن ڀاءُ وٽ نوانوي ڳهٽا آهن ۽

وَّاحِدَةٌ ۟ قف فَقَالَ اَكْفِلْنِيْهَا وَعَزَّنِيْ فِي الْخِطَابِ ﴿۲۳﴾ قَالَ لَقَدْ ظَلَمَكَ

مون وٽ هڪ ڳهٽو آهي. پوءِ مون کي چيائين ته اهو ڳهٽو به مون کي ڏي ۽ ڳالهائڻ ۾ مون کان زور ٿي ويو ﴿۲۳﴾ (دائود) چيو ته

بِسُؤَالِ نَعْجَتِكَ اِلٰى نِعَاجِهٖ ؕ وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْخُلَطَآءِ لَيَبْغِيْ

بيشڪ ان پنهنجن ڳهٽن ۾ (شامل ڪرڻ لاءِ) تنهنجو ڳهٽو گهري توتي ظلم ڪيو ۽ بيشڪ گهڻا ڀائيوار هڪ ٻئي تي

بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَقَلِيْلٌ مَّا هُمْ ؕ وَ

ظلم ڪندا آهن، مگر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ اهڙا ماڻهو گهڻا گهٽ آهن ۽ دائود ڀانيو ته دراصل اسان

السجدة ١٠

ظَنَّ دَاوٗدُ اَنَّمَا فَتَنّٰهُ فَاسْتَغْفَرَ رَبَّهٗ وَخَرَّ رَاكِعًا وَّاَنَابَ ﴿۲۴﴾ السجدة فَغَفَرْنَا

ڪيس آزمايو آهي، پوءِ پنهنجي ربّ کان بخشش گهريائين ۽ رڪوع ۾ ڪري پيو ۽ رجوع (۽ توبه) ڪيائين ﴿۲۴﴾ پوءِ

لَهٗ ذٰلِكَ ؕ وَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَحُسْنَ مَاٰبٍ ﴿۲۵﴾ يٰدَاوٗدُ اِنَّا

ڪيس بخشيوسون ۽ بيشڪ اھو اسان وٽ مقرّب ۽ سھڻي ماڳ واري مرتبي وارو آھي ﴿۲۵﴾ اي دائود (عليه السلام)!

جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِى الْاَرْضِ فَاحْكُمْ بَيْنَ النَّاسِ بِالْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعِ

بيشڪ اسان توکي زمين ۾ خليفو ڪيو، پوءِ ماڻھن ۾ حقّ سان فيصلو ڪر ۽ خواهشن جي پيروي نه ڪر، نه ته اھي توکي

الْهَوٰى فَيُضِلَّكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ

الله جي واٽ کان گمراھ ڪري ڇڏينديون. بيشڪ جيڪي ماڻھو الله جي واٽ کان گمراھ ٿين ٿا، انھن جي لاءِ

اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا نَسُوْا يَوْمَ الْحِسَابِ ﴿۲۶﴾ ع وَمَا خَلَقْنَا

حساب جي ڏينھن کي وسارڻ سبب سخت عذاب آھي ﴿۲۶﴾ ۽ اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي ڪجھ انھن ٻنهي

السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا ؕ ذٰلِكَ ظَنُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ

جي وچ ۾ آھي، انھن کي اجايو پيدا نه ڪيو آھي. اھو ڪافرن جو گمان آھي. پوءِ ڪافرن جي لاءِ باھ

فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنَ النَّارِ ﴿۲۷﴾ ؕ اَمْ نَجْعَلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

جي عذاب سبب خرابي آھي ﴿۲۷﴾ يا مؤمنن ۽ نيڪ عمل ڪندڙن کي، زمين ۾ فساد ڪندڙن وانگر

الصّٰلِحٰتِ كَالْمُفْسِدِيْنَ فِى الْاَرْضِ ز اَمْ نَجْعَلُ الْمُتَّقِيْنَ كَالْفُجَّارِ ﴿۲۸﴾

ڪنداسون، يا پرهيزگارن کي گنھگارن وانگر ڪنداسون؟ (يعني ھرگز ائين نه ڪنداسون.) ﴿۲۸﴾

كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوْٓا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا

(اي رسولن جا سردار ﷺ! ھيءُ قرآن) توڏانھن اسان جو نازل ڪيل مبارڪ ڪتاب آھي، جيئن (ماڻھو) ان جي آيتن ۾

الْاَلْبَابِ ﴿۲۹﴾ وَوَهَبْنَا لِدَاوٗدَ سُلَيْمٰنَ ؕ نِعْمَ الْعَبْدُ ؕ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿۳۰﴾ ؕ اِذْ عُرِضَ

غور ڪن (۽ ايمان آڻين) ۽ جيئن عقلمند نصيحت وٺن ﴿۲۹﴾ ۽ بيشڪ اسان دائود کي سليمان بخشيو، ڏاڍو چڱو ٻانھو ھو. بيشڪ اھو
رجوع ڪندڙ ھو ﴿۳۰﴾ (اي رسولن جا سردار ﷺ! ياد ڪر)، جڏھن شام جي وقت سليمان (عليه السلام) تي ڏکڻ ڳچين وارا (ھڪ ھزار يا

عَلَيۡهِ بِالۡعَشِيِّ الصّٰفِنٰتُ الۡجِيَادُ ۙ﴿۳۱﴾ فَقَالَ اِنِّيۡۤ اَحۡبَبۡتُ حُبَّ الۡخَيۡرِ عَنۡ

ويهه هزار) گهوڙا پيش ڪيا ويا ﴿۳۱﴾ پوءِ چيائين ته بيشڪ مون پنهنجي ربّ جي ذڪر جي بجاءِ گهوڙن جي محبت ڪئي

ذِكۡرِ رَبِّيۡ ۚ حَتّٰى تَوَارَتۡ بِالۡحِجَابِ ﴿۳۲﴾ وقفة رُدُّوۡهَا عَلَيَّ ؕ فَطَفِقَ مَسۡحًاۢ

پسند ڪيو، تانجذو سج لهي ويو (يا گهوڙا اونداهين رات ۾ لڪي ويا) ﴿۳۲﴾ (انهيءَ چيو ته) اهي مون وٽ موٽائي آڻيو. پوءِ

بِالسُّوۡقِ وَالۡاَعۡنَاقِ ﴿۳۳﴾ وَلَقَدۡ فَتَنَّا سُلَيۡمٰنَ وَاَلۡقَيۡنَا عَلٰى كُرۡسِيِّهٖ

انهن جي ٽنگن ۽ ڳچين تي هٿ ڦيرائڻ لڳو، (يعني الله جي حڪم سان انهن کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيائين.) ﴿۳۳﴾ بيشڪ سليمان
کي (بادشاهيءَ جي زوال سان) آزمايوسون ۽ سندس ڪرسيءَ تي هڪڙي ڌڙ (يعني شيطان) کي رکي ڇڏيوسون. پوءِ توبه

جَسَدًا ثُمَّ اَنَابَ ﴿۳۴﴾ قَالَ رَبِّ اغۡفِرۡ لِيۡ وَهَبۡ لِيۡ مُلۡكًا لَّا يَنۡۢبَغِيۡ لِاَحَدٍ

ڪيائين (جو سندس گهر ۾ چاليهه ڏينهن بت پرستي ٿيندي رهي، جنهن کان واقف نه ٿيو) ﴿۳۴﴾ پوءِ چيائين ته ربّ منهنجا!

مِّنۡۢ بَعۡدِيۡ ۚ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡوَهَّابُ ﴿۳۵﴾ فَسَخَّرۡنَا لَهُ الرِّيۡحَ تَجۡرِيۡ بِاَمۡرِهٖ

مون کي (منهنجي غفلت) بخش ۽ مون کي اهڙي بادشاهي ڏي، جو مون کان پوءِ ڪنهن کي به نه جڳائي. بيشڪ تون ئي عطا ڪندڙ
آهين ﴿۳۵﴾ پوءِ سندس لاءِ (ذبح ڪيل گهوڙن جي بدلي ۾) هوا کي تابع ڪيوسون، جيڪا سندس حڪم مطابق نرميءَ سان اتي

رُخَآءً حَيۡثُ اَصَابَ ۙ﴿۳۶﴾ وَالشَّيٰطِيۡنَ كُلَّ بَنَّآءٍ وَّغَوَّاصٍ ۙ﴿۳۷﴾ وَّاٰخَرِيۡنَ

هلندي هئي جتي پاڻ پهچڻ گهرندو هو ﴿۳۶﴾ ۽ (وڏيون) اڏاوتون اڏيندڙ ۽ (موتين جي ڪڍڻ لاءِ سمنڊ ۾) ٽٻي هڻندڙ

مُقَرَّنِيۡنَ فِي الۡاَصۡفَادِ ﴿۳۸﴾ هٰذَا عَطَآؤُنَا فَامۡنُنۡ اَوۡ اَمۡسِكۡ بِغَيۡرِ

شيطانن کي به (سندس) تابع ڪيوسون ﴿۳۷﴾ ۽ ٻيا زنجيرن ۾ ٻڌل شيطان (سندس تابع ڪياسون) ﴿۳۸﴾ (۽ چيوسون ته) اها اسان جي بخشش
آهي (۽ اسان کان سواءِ ڪنهن جي وس ۾ نه آهي.) پوءِ (جنهن کي ڏيڻ گهرين)، تنهن تي احسان ڪر (۽ جنهن کان چاهين ان کان)

حِسَابٍ ﴿۳۹﴾ وَاِنَّ لَهٗ عِنۡدَنَا لَزُلۡفٰى وَحُسۡنَ مَاٰبٍ ﴿۴۰﴾ ع وَاذۡكُرۡ عَبۡدَنَاۤ ع ۳ ۱۲

بغير حساب جي روڪي رک ﴿۳۹﴾ ۽ بيشڪ اهو اسان وٽ وڏي قرب ۽ سهڻي مَانَ مقام وارو هو ﴿۴۰﴾ ۽ اسان جي ٻانهي ايوب جو ذڪر

اَيُّوۡبَ ۘ اِذۡ نَادٰى رَبَّهٗۤ اَنِّيۡ مَسَّنِيَ الشَّيۡطٰنُ بِنُصۡبٍ وَّعَذَابٍ ؕ﴿۴۱﴾ وقف لازم

ڪر، جڏهن پنهنجي ربّ کي پڪاريائين ته شيطان مون کي (بدن ۾) تڪليف ۽ (منهنجي مال ۽ اولاد ۾) عذاب پهچايو آهي ﴿۴۱﴾

اُرْكُضْ بِرِجْلِكَ ۚ هٰذَا مُغْتَسَلٌۢ بَارِدٌ وَّشَرَابٌ ﴿٤٢﴾ وَوَهَبْنَا لَهٗٓ

(کيس چيوسون تہ) پنهنجو پير هڻ. هيءُ وهنجڻ لاءِ ٿڌي پاڻيءَ جو (۽ هيءُ) پيئڻ جو (چشمو) آهي ﴿٤٢﴾ ۽ کيس سندس گهر

اَهْلَهٗ وَمِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنَّا وَذِكْرٰى لِاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿٤٣﴾ وَخُذْ

وارا ۽ ساڻن گڏ اهڙا ٻيا (ٻہ ٻار ٻچا) عطا ڪياسون (۽ اها ڳالهہ) اسان جي طرفان رحمت ۽ عقلمندن لاءِ نصيحت آهي ﴿٤٣﴾ ۽ (سو

بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا تَحْنَثْ ؕ اِنَّا وَجَدْنٰهُ صَابِرًا ؕ نِعْمَ الْعَبْدُ ؕ

ڇهبڪن جي ٻجاءِ) پنهنجي هٿ ۾ هڪڙي ٻهاري ڪٺي (زال کي) هڻ ۽ قسم نہ ڀڃ. بيشڪ کيس صبر ڪندڙ لڌوسون. ڏاڍو

اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿٤٤﴾ وَاذْكُرْ عِبٰدَنَآ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ اُولِي الْاَيْدِيْ

چڱو ٻانهو هو، بيشڪ اهو رجوع ڪندڙ هو ﴿٤٤﴾ ۽ اسان جي ٻانهن ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب کي ياد ڪر، (اهي عبادت لاءِ چست ۽)

وَالْاَبْصَارِ ﴿٤٥﴾ اِنَّآ اَخْلَصْنٰهُمْ بِخَالِصَةٍ ذِكْرَى الدَّارِ ﴿٤٦﴾ ۚ وَاِنَّهُمْ

سگهارا (۽ ديني ڪمن جي سلسلي ۾) اکين وارا هئا ﴿٤٥﴾ بيشڪ کين سندن خلوص سبب آخرت جي گهر کي ياد ڪرڻ لاءِ خالص

عِنْدَنَا لَمِنَ الْمُصْطَفَيْنَ الْاَخْيَارِ ﴿٤٧﴾ ؕ وَاذْكُرْ اِسْمٰعِيْلَ وَالْيَسَعَ

ڪيوسون ﴿٤٦﴾ ۽ بيشڪ اهي اسان جا چونڊيل (۽) پسند ڪيل (ٻانها) هئا ﴿٤٧﴾ ۽ (اي محمد ﷺ!) اسماعيل ۽ يسع ۽ ذاالڪفل جو ذڪر

وَذَا الْكِفْلِ ؕ وَكُلٌّ مِّنَ الْاَخْيَارِ ﴿٤٨﴾ ؕ هٰذَا ذِكْرٌ ؕ وَاِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ لَحُسْنَ

ڪر، اهي سڀ اسان جا پسنديده ٻانها هئا ﴿٤٨﴾ اهو آهي (دائمي شرف ۽ سٺو) ذڪر ۽ بيشڪ پرهيزگارن لاءِ (ان ڪان سواءِ) اسان

مَاٰبٍ ﴿٤٩﴾ لا جَنّٰتِ عَدْنٍ مُّفَتَّحَةً لَّهُمُ الْاَبْوَابُ ﴿٥٠﴾ ۚ مُتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا

وٽ موٽڻ جي سهڻي جاءِ آهي ﴿٤٩﴾ سندن لاءِ سدائين رهڻ وارا باغ آهن، جن جا دروازا کليل آهن ﴿٥٠﴾ اتي ٽيڪ ڏئي ويهندا.

يَدْعُوْنَ فِيْهَا بِفَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ وَّشَرَابٍ ﴿٥١﴾ وَعِنْدَهُمْ قٰصِرٰتُ

اتي بيشمار ميوا ۽ پيئڻ جون شيون طلب ڪندا رهندا ﴿٥١﴾ ۽ وٽن هيٺ جهڪايل نگاهن واريون، هڪ جيڏيون زالون

الطَّرْفِ اَتْرَابٌ ﴿٥٢﴾ هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ لِيَوْمِ الْحِسَابِ ﴿٥٣﴾ اِنَّ هٰذَا

هونديون (جيڪي سدائين ٽيهن سالن جي قوهه جوانيءَ واريون آهن.) ﴿٥٢﴾ (کين چيو ويندو ته) اهو آهي (بهشت)،
جنهن جو حساب جي ڏينهن توهان کي وعدو ڏنو ويندو هو ﴿٥٣﴾ بيشڪ اها اسان جي روزي آهي، جيڪا ختم ٿيڻ

لَرِزْقُنَا مَا لَهٗ مِنْ نَّفَادٍ ﴿٥٤﴾ هٰذَا ؕ وَاِنَّ لِلطّٰغِيْنَ لَشَرَّ مَاٰبٍ ﴿٥٥﴾

واري نه آهي ﴿٥٤﴾ هيءَ (جنت پرهيزگارن لاءِ آهي) ۽ بيشڪ سرڪشن لاءِ ڏاڍو بڇڙو ماڳ آهي ﴿٥٥﴾ (سندن ٺڪاڻو)

جَهَنَّمَ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۚ فَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿٥٦﴾ هٰذَا ۙ فَلْيَذُوْقُوْهُ حَمِيْمٌ وَّ

جهنم آهي، جنهن ۾ پهچندا، پوءِ رهڻ جي ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ﴿٥٦﴾ اهو (ظالمن جو بدلو آهي) پوءِ ان کي چکو، ٽهڪندڙ

غَسَّاقٌ ﴿٥٧﴾ وَّاٰخَرُ مِنْ شَكْلِهٖٓ اَزْوَاجٌ ﴿٥٨﴾ هٰذَا فَوْجٌ مُّقْتَحِمٌ مَّعَكُمْ ۚ لَا

پاڻي ۽ دوزخين جي پونءِ (توهان جو کاڄ آهي.) ﴿٥٧﴾ ۽ عذاب جا ٻيا قسم (به آهن.) ﴿٥٨﴾ (فرشتا ظالم ۽ ڪافر اڳواڻن کي

مَرْحَبًۢا بِهِمْ ؕ اِنَّهُمْ صَالُوا النَّارِ ﴿٥٩﴾ قَالُوْا بَلْ اَنْتُمْ ۖ لَا مَرْحَبًۢا بِكُمْ ؕ

چوندا ته) هيءَ هڪ فوج توهان سان گڏ داخل ٿيندڙ آهي. سندن لاءِ ڪا خوشخبري (۽ ڪا خوشي) نه آهي. بيشڪ اهي باهه ۾ پهچندڙ
آهن ﴿٥٩﴾ (پوئلڳ) چوندا ته (اي اڳواڻو!) بلڪ توهان لاءِ ڪا خوشخبري (۽ ڪا خوشي) نه آهي، توهان ئي (اسان لاءِ شرڪ ۽ نافرمانيءَ کي

اَنْتُمْ قَدَّمْتُمُوْهُ لَنَا ۚ فَبِئْسَ الْقَرَارُ ﴿٦٠﴾ قَالُوْا رَبَّنَا مَنْ قَدَّمَ لَنَا هٰذَا

سينگاري)، اسان کي باهه ۾ پهچايو. پوءِ رهڻ جو ڏاڍو بڇڙو هنڌ آهي ﴿٦٠﴾ چوندا ته ربّ اسان جا! جنهن اسان کي هن (دوزخ جي

فَزِدْهُ عَذَابًا ضِعْفًا فِي النَّارِ ﴿٦١﴾ وَقَالُوْا مَا لَنَا لَا نَرٰى رِجَالًا كُنَّا

منزل تي) پهچايو آهي، تنهن کي باهه جو ٻيڻو عذاب ڏي ﴿٦١﴾ ۽ (قريش جا سردار) چوندا ته ڪهڙو سبب آهي جو اهي (فقير

نَعُدُّهُمْ مِّنَ الْاَشْرَارِ ﴿٦٢﴾ اَتَّخَذْنٰهُمْ سِخْرِيًّا اَمْ زَاغَتْ عَنْهُمُ

مسلمان) نٿا ڏسون، جن کي شرير شمار ڪندا هئاسون ﴿٦٢﴾ (ڀاڻ سان ڇا ڪيوسون؟) ساڻن ٺٺوليون ڪندا هئاسون، يا اسان جي

الْاَبْصَارُ ﴿٦٣﴾ اِنَّ ذٰلِكَ لَحَقٌّ تَخَاصُمُ اَهْلِ النَّارِ ﴿٦٤﴾ ع قُلْ اِنَّمَآ اَنَا

نظرن کان لڪي ويا ﴿٦٣﴾ بيشڪ دوزخين جو هڪ ٻئي سان تڪرار ڪرڻ، اها هڪ سچي ڳالهه آهي ﴿٦٤﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ ته

مُنۡذِرٌ ‌ۖ وَّمَا مِنۡ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ الۡوَاحِدُ الۡقَهَّارُ ۚ ﴿٦٥﴾ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ

دراصل آءٌ تہ ھڪ ڊيڄاريندڙ آھيان ۽ ھڪ زبردست الله کان سواءِ ڪو معبود نہ آھي ﴿٦٥﴾ آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي ٻنھي جي وچ ۾

الۡاَرۡضِ وَمَا بَيۡنَهُمَا الۡعَزِيۡزُ الۡغَفَّارُ ﴿٦٦﴾ قُلۡ هُوَ نَبَؤٌا عَظِيۡمٌ ۙ ﴿٦٧﴾ اَنۡتُمۡ

آھي، تنھن جو ربّ (الله) غالب، بخشڻھار آھي ﴿٦٦﴾ (اي محمّد ﷺ!) فرماءِ تہ اھو (قرآن) ھڪ وڏي خبر آھي ﴿٦٧﴾ جنھن کان

عَنۡهُ مُعۡرِضُوۡنَ ﴿٦٨﴾ مَا كَانَ لِيَ مِنۡ عِلۡمٍ ۢ بِالۡمَلَاِ الۡاَعۡلٰٓى اِذۡ

توھان منھن موڙيندڙ آھيو ﴿٦٨﴾ مون کي (مٿانھين جھان جي) وڏن فرشتن جي باري ۾ ڪو علم نہ آھي، جڏھن اھي

يَخۡتَصِمُوۡنَ ﴿٦٩﴾ اِنۡ يُّوۡحٰٓى اِلَىَّ اِلَّاۤ اَنَّمَاۤ اَنَا نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿٧٠﴾ اِذۡ قَالَ

(آدم عليه السلام جي باري ۾ ڪافرن سان) جھڳڙو ڪري رھيا ھئا ﴿٦٩﴾ دراصل مون ڏانھن وحي موڪليو وڃي ٿو تہ آءٌ ھڪ رڳو
پڌرو ڊيڄارڻ وارو (رسول) آھيان. ﴿٧٠﴾ (اي پيغمبر ﷺ! ياد ڪر)، جڏھن تنھنجي ربّ فرشتن کي فرمايو تہ بيشڪ

رَبُّكَ لِلۡمَلٰٓئِكَةِ اِنِّىۡ خَالِقٌ ۢ بَشَرًا مِّنۡ طِيۡنٍ ﴿٧١﴾ فَاِذَا سَوَّيۡتُهٗ وَنَفَخۡتُ

آءٌ ھڪڙي بشر کي مٽيءَ مان پيدا ڪرڻ وارو آھيان ﴿٧١﴾ پوءِ جڏھن کيس تيار ڪريان ۽ منجھس پنھنجو

فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِىۡ فَقَعُوۡا لَهٗ سٰجِدِيۡنَ ﴿٧٢﴾ فَسَجَدَ الۡمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمۡ

روح ڦوڪيان تہ انھيءَ جي لاءِ سجدي ۾ ڪري پئو ﴿٧٢﴾ پوءِ انھن سڀني فرشتن گڏجي (ڪيس)

اَجۡمَعُوۡنَ ۙ ﴿٧٣﴾ اِلَّاۤ اِبۡلِيۡسَ ؕ اِسۡتَكۡبَرَ وَكَانَ مِنَ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿٧٤﴾ قَالَ

سجدو ڪيو ﴿٧٣﴾ مگر ابليس (انڪار ڪيو.) انھيءَ وڏائي ڪئي ۽ ڪافرن مان ٿيو ﴿٧٤﴾ (الله) فرمايو تہ اي ابليس!

يٰۤاِبۡلِيۡسُ مَا مَنَعَكَ اَنۡ تَسۡجُدَ لِمَا خَلَقۡتُ بِيَدَىَّ ؕ اَسۡتَكۡبَرۡتَ اَمۡ

جنھن کي مون پنھنجي ھٿ سان پيدا ڪيو، تنھن کي سجدي ڪرڻ کان توکي ڪھڙي شيءِ روڪيو؟ ڇا تو تڪبر ڪيو يا

كُنۡتَ مِنَ الۡعَالِيۡنَ ﴿٧٥﴾ قَالَ اَنَا خَيۡرٌ مِّنۡهُ ؕ خَلَقۡتَنِىۡ مِنۡ نَّارٍ وَّ

تون وڏي مرتبي وارن مان آھين ﴿٧٥﴾ (ابليس) چيو تہ آءٌ ان کان چڱو آھيان ، تو مون کي باھ مان پيدا ڪيو ۽ ان کي

خَلَقۡتَهٗ مِنۡ طِيۡنٍ ﴿٧٦﴾ قَالَ فَاخۡرُجۡ مِنۡهَا فَاِنَّكَ رَجِيۡمٌ ﴿٧٧﴾ وَّ

متيءَ مان پيدا ڪيئي ﴿٧٦﴾ (الله) فرمايو تہ پوءِ هِن (آسمان يا بهشت) مان نڪر، بيشڪ تون تڙيل آهين ﴿٧٧﴾ ۽ بيشڪ

اِنَّ عَلَيۡكَ لَعۡنَتِيۡۤ اِلٰى يَوۡمِ الدِّيۡنِ ﴿٧٨﴾ قَالَ رَبِّ فَاَنۡظِرۡنِيۡۤ

توتي قيامت جي ڏينهن تائين منهنجي لعنت آهي، (جيڪو توبہ جي قبول پوڻ جو وقت نہ آهي) ﴿٧٨﴾ (ابليس) چيو تہ

اِلٰى يَوۡمِ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿٧٩﴾ قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الۡمُنۡظَرِيۡنَ ﴿٨٠﴾ اِلٰى

منهنجا ربّ! پوءِ جنهن ڏينهن انهن (يعني مخلوق) کي اٿاريو ويندو، انهيءَ ڏينهن (يعني قيامت) تائين مون کي

يَوۡمِ الۡوَقۡتِ الۡمَعۡلُوۡمِ ﴿٨١﴾ قَالَ فَبِعِزَّتِكَ لَاُغۡوِيَنَّهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿٨٢﴾

مهلت ڏي ﴿٧٩﴾ (الله تعاليٰ) فرمايو تہ بيشڪ تون مهلت ڏنلن مان آهين ﴿٨٠﴾ (اسان جي علم مطابق) مقرر ڪيل وقت (يعني
پهرئين صور جي ڦوڪڻ) تائين ﴿٨١﴾ (ابليس) چيو تہ پوءِ (مون کي) تنهنجي عزت جو قسم! ضرور سڀني کي گمراه ڪندس ﴿٨٢﴾

اِلَّا عِبَادَكَ مِنۡهُمُ الۡمُخۡلَصِيۡنَ ﴿٨٣﴾ قَالَ فَالۡحَقُّ وَالۡحَقَّ اَقُوۡلُ ﴿٨٤﴾

مگر جيڪي انهن مان تنهنجا مخلص ٻانها آهن ﴿٨٣﴾ (الله) فرمايو تہ پوءِ (منهنجو قسم) سچو آهي ۽ آءٌ سچ ئي چوان ٿو ﴿٨٤﴾

لَاَمۡلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنۡكَ وَمِمَّنۡ تَبِعَكَ مِنۡهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿٨٥﴾

البت ضرور توسان ۽ تنهنجن سڀني (پوئلڳن سان)، جن انهن مان تنهنجي پيروي ڪئي، جهنم کي ڀري ڇڏيندس ﴿٨٥﴾

قُلۡ مَاۤ اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَيۡهِ مِنۡ اَجۡرٍ وَّمَاۤ اَنَا مِنَ الۡمُتَكَلِّفِيۡنَ ﴿٨٦﴾

(اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ هن (پيغمبريءَ جي ڪم) تي توهان کان اجر نٿو گهران ۽ نہ آءٌ (قرآن ٺاهڻ ۾) ٺاهيندڙن مان آهيان ﴿٨٦﴾

اِنۡ هُوَ اِلَّا ذِكۡرٌ لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٨٧﴾ وَلَتَعۡلَمُنَّ نَبَاَهٗ بَعۡدَ

اهو (قرآن) تہ جهانن لاءِ هڪ ذڪر ۽ نصيحت آهي ﴿٨٧﴾ ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ ضرور تون ان جي (سچائي

حِيۡنٍ ﴿٨٨﴾ ع

جي) خبر ڄاڻي وٺندين ﴿٨٨﴾

اٰيَاتُهَا ٧٥ (٣٩) سُوْرَةُ الزُّمَرِ مَكِّيَّةٌ (٥٩) رُكُوْعَاتُهَا ٨

سورة الزمر مڪي آهي، هن ۾ پنجهتر آيتون ۽ اٺ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عام ۽ خاص سڀ ڪي روزي ڏيندڙ آهي.

تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ① اِنَّآ اَنْزَلْنَآ

ڪتاب (قرآن) جو لاهڻ غالب، حڪمت واري الله جي طرفان آهي ① (اي محمد ﷺ!) بيشڪ اسان هن ڪتاب (يعني قرآن)

اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ فَاعْبُدِ اللّٰهَ مُخْلِصًا لَّهُ الدِّيْنَ ؕ ② اَلَا

ڪي تو ڏانهن حقّ سان لاٿو آهي، پوءِ پنهنجي دين ڪي الله لاءِ خالص ڪري سندس عبادت ڪر ② پڌرو! (شڪّ ڪان

لِلّٰهِ الدِّيْنُ الْخَالِصُ ؕ وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ ۘ مَا

وقف لازم

پاڪ) دين خالص الله لاءِ آهي ۽ جن ماڻهن الله ڪان سواءِ معبود (۽ دوست) ٺهرايا آهن، (اهي چون ٿا ته) اسين انهن (بتن)

نَعْبُدُهُمْ اِلَّا لِيُقَرِّبُوْنَآ اِلَى اللّٰهِ زُلْفٰى ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ

ڪي رڳو هن ڪري پوڄيون ٿا ته جيئن اسان ڪي مانَ، مرتبي ۾ الله جي ويجهو ڪن. بيشڪ الله (قيامت جي ڏينهن)

فِيْ مَا هُمْ فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ؕ۬ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ هُوَ كٰذِبٌ

سندن (يعني ڪافرن جي طرفان مؤمنن سان دين جي باري ۾ ڪيل) اختلافن جو فيصلو فرمائيندو. بيشڪ الله ڪنهن

كَفَّارٌ ③ لَوْ اَرَادَ اللّٰهُ اَنْ يَّتَّخِذَ وَلَدًا لَّاصْطَفٰى مِمَّا يَخْلُقُ

ڪوڙي ڪافر ڪي هدايت نه ڏيندو آهي ③ جيڪڏهن الله ڪنهن ڪي پٽ بڻائڻ گهري ها، ته يقينًا پنهنجي مخلوق مان

مَا يَشَآءُ ۙ سُبْحٰنَهٗ ؕ هُوَ اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ④ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ

جنهن ڪي گهري ها، چونڊي ها. اهو (سڀني عيبن ڪان) پاڪ آهي. اهو الله اڪيلو (۽) زبردست آهي ④ انهيءَ آسمانن

وَالۡاَرۡضَ بِالۡحَقِّ ۚ يُكَوِّرُ الَّيۡلَ عَلَى النَّهَارِ وَيُكَوِّرُ النَّهَارَ

۽ زمين کي حقّ سان پيدا فرمايو. رات کي ڏينهن جي مٿان ويڙهي ٿو ۽ ڏينهن کي رات جي مٿان ويڙهي ٿو ۽ سج

عَلَى الَّيۡلِ وَسَخَّرَ الشَّمۡسَ وَالۡقَمَرَ ؕ كُلٌّ يَّجۡرِيۡ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ

۽ چنڊ کي تابع ڪيائين. هر هڪ پنهنجي مقرر مدّت تائين هلي رهيو آهي. ٻڌو! اهو (الله تعالىٰ) ئي غالب (۽) بخشش

اَلَا هُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡغَفَّارُ ۞٥ خَلَقَكُمۡ مِّنۡ نَّفۡسٍ وَّاحِدَةٍ ثُمَّ

ڪندڙ آهي ⑤ انهيءَ توهان کي هڪ جيءَ (يعني آدم عليه السلام) مان پيدا ڪيو. پوءِ توهان لاءِ انهيءَ مان جوڙو پيدا

جَعَلَ مِنۡهَا زَوۡجَهَا وَاَنۡزَلَ لَكُمۡ مِّنَ الۡاَنۡعَامِ ثَمٰنِيَةَ اَزۡوَاجٍ ؕ

ڪيائين ۽ توهان لاءِ اٺن قسمن جي جانورن کي پيدا ڪيائين، (جن جو بيان سورة الانعام ۾ آهي.) توهان کي توهان جي

يَخۡلُقُكُمۡ فِيۡ بُطُوۡنِ اُمَّهٰتِكُمۡ خَلۡقًا مِّنۡۢ بَعۡدِ خَلۡقٍ فِيۡ ظُلُمٰتٍ

مائرن جي پيٽن ۾، پهريائين هڪ طرح، پوءِ ٻيءَ طرح ٽن اونداهين ۾ پيدا ڪري ٿو. اهو ئي توهان جو الله، توهان جو

ثَلٰثٍ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمۡ لَهُ الۡمُلۡكُ ؕ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ فَاَنّٰى

ربّ آهي، بادشاهي به ان جي ئي آهي. ان کان سواءِ ڪو معبود نه آهي. پوءِ توهان (الله جي عبادت کان) ڪاڏي ڦيرايا

تُصۡرَفُوۡنَ ۞٦ اِنۡ تَكۡفُرُوۡا فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنۡكُمۡ ۟ وَلَا يَرۡضٰى لِعِبَادِهِ

وڃو ٿا (۽ ٻين جي عبادت ڪريو ٿا؟) ⑥ جيڪڏهن ڪفر ڪندا ته بيشڪ الله به توهان کان بي پرواه آهي ۽ الله پنهنجن ٻانهن

الۡكُفۡرَ ۚ وَاِنۡ تَشۡكُرُوۡا يَرۡضَهُ لَكُمۡ ؕ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰى ؕ

کان ڪفر (جي عمل) تي راضي نٿو ٿئي ۽ جيڪڏهن (ايمان آڻي ۽ فرمانبرداري ڪري) سندس شڪر ڪندا ته ان تي توهان

ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمۡ مَّرۡجِعُكُمۡ فَيُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ؕ

کان راضي ٿيندو ۽ (ان جو توهان کي اجر ڏيندو.) ڪو بار کڻڻ وارو ٻئي جو بار نه کڻندو آهي. آخرڪار توهان (سڀني)

إِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝٧ وَ إِذَا مَسَّ الْإِنْسَانَ ضُرٌّ

ڪي پنهنجي ربّ ڏانهن موٽايو ويندو. پوءِ توهان کي انهن ڪمن جي خبر ڏيندو، جيڪي توهان ڪريو ٿا. بيشڪ الله سينن جا راز به

ڄاڻندڙ آهي (پوءِ مغرورن جي حال تي افسوس آهي.) ⑦ جڏهن انسان (يعني عتبه بن ربيعه يا هر ڪافر) کي ڪا تڪليف پهچندي

دَعَا رَبَّهٗ مُنِيْبًا إِلَيْهِ ثُمَّ إِذَا خَوَّلَهٗ نِعْمَةً مِّنْهُ نَسِيَ

آهي ته پنهنجي ربّ ڏانهن رجوع ڪندي کيس پڪاريندو آهي. پوءِ جڏهن پنهنجي طرفان کيس نعمت (۽ خوشي) عطا

مَا كَانَ يَدْعُوْٓا إِلَيْهِ مِنْ قَبْلُ وَجَعَلَ لِلّٰهِ أَنْدَادًا لِّيُضِلَّ

ڪندو آهي ته اڳ ۾ جنهن (تڪليف) ۾ الله تعاليٰ کي پڪاريو هئائين، سا وساري ويهندو آهي ۽ الله لاءِ شريڪ ٺهرائيندو

عَنْ سَبِيْلِهٖ ط قُلْ تَمَتَّعْ بِكُفْرِكَ قَلِيْلًا ۖ إِنَّكَ مِنْ أَصْحٰبِ

آهي، جيئن (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان گمراه ڪري. فرماءِ ته (اي ڪافر!) پنهنجي ڪفر سبب ٿورو فائدو وٺ. بيشڪ

النَّارِ ۝٨ أَمَّنْ هُوَ قَانِتٌ اٰنَآءَ الَّيْلِ سَاجِدًا وَّقَآئِمًا يَّحْذَرُ

تون دوزخين مان آهين ⑧ يا جيڪو شخص رات جي وقتن ۾ قيام ۽ سجدي ۾ الله کي پڪاري ٿو ۽ آخرت کان ڊڄي ٿو ۽

الْاٰخِرَةَ وَيَرْجُوْا رَحْمَةَ رَبِّهٖ ط قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الَّذِيْنَ

پنهنجي ربّ جي رحمت جي اميد رکي ٿو، (ڇا اهو انهيءَ وانگر آهي، جيڪو مصيبت ۾ رات گذاري ٿو؟ اي محمد ﷺ!)

يَعْلَمُوْنَ وَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ط إِنَّمَا يَتَذَكَّرُ أُولُوا

فرماءِ ته ڇا جيڪي ڄاڻن ٿا ۽ جيڪي نٿا ڄاڻن سي پاڻ ۾ برابر ٿيندا آهن؟ (ساڳيءَ طرح فرمانبردار ۽ نافرمان به ٿي برابر نه

الْأَلْبَابِ ۝٩ ع قُلْ يٰعِبَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوْا رَبَّكُمْ ط لِلَّذِيْنَ

آهن) نصيحت ته رڳو عقلمند ئي پرائيندا آهن ⑨ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته اي منهنجا مؤمن ٻانهو! پنهنجي ربّ کان ڊڄو. جن

أَحْسَنُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ط وَأَرْضُ اللّٰهِ وَاسِعَةٌ ط

ماڻهن دنيا ۾ چڱايون ڪيون (يعني توحيد ۽ فرمانبرداريءَ تي هليا)، تن لاءِ چڱائي (يعني بهشت) آهي ۽ الله جي زمين

اِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ اَجْرَهُمْ بِغَيْرِ حِسَابٍ ⑩ قُلْ اِنِّيْٓ

ڪشادي آهي. دراصل صبر ڪندڙن کي ئي سندن اجر بي حساب (ءُ) پورو پورو ڏنو ويندو ⑩ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ تہ بيشڪ

اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ اللّٰهَ مُخْلِصًا لَّهُ الدِّيْنَ ⑪ وَاُمِرْتُ لِاَنْ

مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ پنهنجي دين کي الله لاءِ خالص ڪري سندس بندگي ڪريان ⑪ ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ

اَكُوْنَ اَوَّلَ الْمُسْلِمِيْنَ ⑫ قُلْ اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ رَبِّيْ

(هن امت ۾) سڀ کان پهريائين مسلمان ٿيان ⑫ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ تہ بيشڪ آءٌ پنهنجي ربّ جي نافرماني ڪريان تہ هڪ وڏي

عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ⑬ قُلِ اللّٰهَ اَعْبُدُ مُخْلِصًا لَّهٗ دِيْنِيْ ⑭

ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو ⑬ فرماءِ تہ آءٌ پنهنجي دين کي الله لاءِ خالص ڪندي سندس عبادت ڪريان ٿو ⑭

فَاعْبُدُوْا مَا شِئْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ ؕ قُلْ اِنَّ الْخٰسِرِيْنَ الَّذِيْنَ

پوءِ توهان کي ان کان سواءِ جنهن جي وڻي، پلي سندس عبادت ڪريو. (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ تہ بيشڪ نقصان وارا اهي

خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَاَهْلِيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اَلَا ذٰلِكَ هُوَ

ئي ماڻهو آهن، جن پاڻ کي ۽ پنهنجن گهر وارن کي قيامت جي ڏينهن نقصان (يعني دوزخ) ۾ وڌو. ٻڌو! اهو ئي پڌرو

الْخُسْرَانُ الْمُبِيْنُ ⑮ لَهُمْ مِّنْ فَوْقِهِمْ ظُلَلٌ مِّنَ النَّارِ وَمِنْ

نقصان آهي ⑮ سندن مٿان بہ باھ جون ڇپيون هونديون ۽ سندن هيٺان بہ باھ جون ڇپيون هونديون. اهو (عذاب

تَحْتِهِمْ ظُلَلٌ ؕ ذٰلِكَ يُخَوِّفُ اللّٰهُ بِهٖ عِبَادَهٗ ؕ يٰعِبَادِ فَاتَّقُوْنِ ⑯

آهي)، جنهن کان الله پنهنجن ٻانهن کي ڊيڄاري ٿو. اي منهنجا ٻانهو! پوءِ مون کان ئي ڊڄو ⑯

وَالَّذِيْنَ اجْتَنَبُوا الطَّاغُوْتَ اَنْ يَّعْبُدُوْهَا وَاَنَابُوْٓا اِلَى اللّٰهِ

۽ جن ماڻهن طاغوت (يعني بتن) جي عبادت کان پاسو ڪيو ۽ الله (جي فرمانبرداري ڪيائون ۽ ان) ڏانهن موٽيا، تن

لَهُمُ الْبُشْرٰى ۚ فَبَشِّرْ عِبَادِ ﴿١٧﴾ ۙ الَّذِيْنَ يَسْتَمِعُوْنَ الْقَوْلَ

لاءِ خوشخبري آهي. پوءِ منهنجن ٻانهن کي (بهشت جي) خوشخبري ڏي ⑰ جيڪي ڳالھ (يعني هن قرآن) کي

فَيَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَهٗ ۭ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ هَدٰىهُمُ اللّٰهُ

ٻڌندا آهن، پوءِ ان جي سهڻي (حڪم) جي پيروي ڪندا آهن. اهي ئي ماڻهو آهن، جن کي الله هدايت عطا ڪئي ۽

وَاُولٰۗىِٕكَ هُمْ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿١٨﴾ اَفَمَنْ حَقَّ عَلَيْهِ كَلِمَةُ

اهي ئي عقلمند ماڻهو آهن ⑱ ڇا پوءِ جنهن تي عذاب جو حڪم ثابت ٿي چڪو (۽ اهي دوزخي آهن،

الْعَذَابِ ۭ اَفَاَنْتَ تُنْقِذُ مَنْ فِي النَّارِ ﴿١٩﴾ ۚ لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا

جن جي مون کي ڪا پرواه نہ آهي.) ڇا پوءِ تون اهڙي شخص کي بچائي سگهين ٿو، جنهن کي (منهنجي ازلي علم مطابق)
باھ ۾ اڇلايو ويندو؟ ⑲ پر جيڪي پنهنجي ربّ (جي حرام ڪيل ڪمن کان) بچن ٿا، تن لاءِ (جنت جي) محلات ۾ ماڙين مٿان

رَبَّهُمْ لَهُمْ غُرَفٌ مِّنْ فَوْقِهَا غُرَفٌ مَّبْنِيَّةٌ ۙ تَجْرِيْ مِنْ

ماڙيون آهن، جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. (اهو) الله جو وعدو آهي، الله پنهنجي وعدي جي خلاف نہ ڪندو

تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ڛ وَعْدَ اللّٰهِ ۭ لَا يُخْلِفُ اللّٰهُ الْمِيْعَادَ ﴿٢٠﴾ اَلَمْ تَرَ

آهي، (ڇاڪاڻ تہ وعده خلافيءَ جو سبب بخيلي يا هيٺائي آهي، جنهن کان الله پاڪ آهي) ⑳ ڇا تو نہ ڏٺو تہ

اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَاۗءِ مَاۗءً فَسَلَكَهٗ يَنَابِيْعَ فِي الْاَرْضِ

الله آسمان مان پاڻي لاٿو، پوءِ ان جي ذريعي زمين ۾ چشما جاري ڪيائين (۽ چشما سڀ برسات مان آهن.)

ثُمَّ يُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا مُّخْتَلِفًا اَلْوَانُهٗ ثُمَّ يَهِيْجُ فَتَرٰىهُ

پوءِ ان جي ذريعي مختلف رنگن واريون پوکون ڦٽائيندو آهي. پوءِ اها (پوک) سڪي ويندي آهي. پوءِ ان

مُصْفَرًّا ثُمَّ يَجْعَلُهٗ حُطَامًا ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى لِاُولِي

کي پيلو ڏسندو آهين . پوءِ (الله) ان کي ڏرَ ڏرَ ڪري ڇڏيندو آهي. بيشڪ انهيءَ ۾ عقلمندن لاءِ البت

الْاَلْبَابِ ﴿٢١﴾ اَفَمَنْ شَرَحَ اللّٰهُ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ فَهُوَ عَلٰى ع ٢ ١٢

نصيحت آهي ﴿٢١﴾ ڇا پوءِ جنهن جي سيني کي الله اسلام لاءِ کوليو، پوءِ اهو پنهنجي ربّ جي طرفان روشنيءَ تي

نُوْرٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ فَوَيْلٌ لِّلْقٰسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ مِّنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ؕ

آهي، (سو دل تي مهر لڳل شخص وانگر ٿي سگهي ٿو؟) پوءِ ويل آهي، انهن لاءِ جن جون دليون الله جي ذڪر (يعني

اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٢﴾ اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ كِتٰبًا

قرآن کان خاليءَ) سخت آهن. اهي ئي ماڻهو پڌري گمراهيءَ ۾ آهن ﴿٢٢﴾ الله تعاليٰ سهڻي ڳالهه (يعني) ڪتاب لاٿو،

مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ ۖ تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُوْدُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ

جنهن جون آيتون هڪجهڙيون آهن ۽ جنهن کي دهرائي پڙهيو وڃي ٿو ۽ جيڪي ماڻهو الله کان ڊڄن ٿا، تن جون

رَبَّهُمْ ۚ ثُمَّ تَلِيْنُ جُلُوْدُهُمْ وَ قُلُوْبُهُمْ اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ ؕ

دليون ان سان ڪانڊارجي وينديون آهن. پوءِ سندن جسم ۽ سندن دليون الله جي ياد لاءِ نرم ٿينديون آهن. اها الله جي

ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ مَنْ يُّضْلِلِ

هدايت آهي، جنهن کي گهري ٿو، (تنهن کي) هدايت عطا ڪري ٿو ۽ جنهن کي الله (منافقت ۽ فريب ۾ وجهي) گمراهه

اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿٢٣﴾ اَفَمَنْ يَّتَّقِيْ بِوَجْهِهٖ سُوْٓءَ

ڪري ته پوءِ ان کي ڪو هدايت ڏيندڙ نه آهي (مگر شيطان) ﴿٢٣﴾ ڇا پوءِ جيڪو شخص قيامت جي ڏينهن پنهنجي منهن سان

الْعَذَابِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَقِيْلَ لِلظّٰلِمِيْنَ ذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ

بڇڙي عذاب کي روڪي (سو انهيءَ شخص وانگر آهي، جيڪو جنت جي نعمتن ۾ هجي) ۽ ظالمن کي چيو ويندو ته

تَكْسِبُوْنَ ﴿٢٤﴾ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَاَتٰىهُمُ الْعَذَابُ

جيڪي ڪم توهان ڪندا هئا، تن جو (مزو) چکو ﴿٢٤﴾ (اي رسولن جا سردار! ﷺ) انهن کان اڳ (مختلف قومن پيغمبرن کي)

مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٥﴾ فَاَذَاقَهُمُ اللّٰهُ الْخِزْيَ

ڪوڙو ڪيو، پوءِ انهن تي عذاب اهڙي جاءِ تان آيو، جتان چاڻندا بہ نہ هئا ﴿٢٥﴾ پوءِ الله ڪين دنيا جي زندگيءَ ۾

فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَ لَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا

خوار، خراب ڪندڙ عذاب چکايو ۽ آخرت جو عذاب يقينًا گهڻو وڏو آهي، جيڪڏهن اهي چاڻن ها (تہ ظلم، ڪفر ۽

يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٦﴾ وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ

رسولن کي ايذاءُ ڏيڻ کان باز اچن ها) ﴿٢٦﴾ ۽ بيشڪ اسان هن قرآن ۾ ماڻهن لاءِ هر قسم جا مثال بيان ڪيا آهن،

مَثَلٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٧﴾ ۚ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا غَيْرَ ذِيْ عِوَجٍ

مَنَ اهي نصيحت حاصل ڪن ﴿٢٧﴾ (اسان) عربي ٻوليءَ ۾ بي عيب قرآن (لاٿو آهي) تہ مَنَ اهي

لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿٢٨﴾ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلًا فِيْهِ شُرَكَآءُ

(گناهن کان) بچن ﴿٢٨﴾ الله تعاليٰ هڪڙي مرد (يعني هڪڙي ٻانهي) جو مثال بيان ڪري ٿو، جنهن ۾ ڪيترائي

مُتَشٰكِسُوْنَ وَ رَجُلًا سَلَمًا لِّرَجُلٍ ؕ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا ؕ

ڇٽا ڀائيوار آهن ۽ (ٻيو) مرد سڄو سارو هڪڙي شخص جو (ٻانهو) آهي. ڇا ٻئي مثال ۾ برابر ٿي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ۚ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٩﴾ اِنَّكَ مَيِّتٌ

سگهن ٿا؟ سڀ ساراهہ الله جي لاءِ آهي، بلڪ انهن مان گهڻا نٿا ڄاڻن ﴿٢٩﴾ بيشڪ تون بہ مرڻ وارو

وَّاِنَّهُمْ مَّيِّتُوْنَ ﴿٣٠﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عِنْدَ رَبِّكُمْ

آهين ۽ بيشڪ اهي بہ مرڻ وارا آهن ﴿٣٠﴾ پوءِ بيشڪ توهان (مؤمن ۽ ڪافر مظلوم ۽ ظالم) قيامت جي ڏينهن

تَخْتَصِمُوْنَ ﴿٣١﴾ ع

پنهنجي ربّ وٽ پاڻ ۾ جهيڙو ڪندا ﴿٣١﴾

فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَبَ عَلَى اللّٰهِ وَكَذَّبَ بِالصِّدْقِ اِذْ جَآءَهٗ ؕ

پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جيڪو الله تي ڪوڙ هڻي ۽ سچائيءَ جي اچڻ کان پوءِ ان کي ڪوڙو ڪري. ڇا

اَلَيْسَ فِىْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٢﴾ وَالَّذِىْ جَآءَ بِالصِّدْقِ وَصَدَّقَ

دوزخ ڪافرن جي جاءِ نه آهي؟ ﴿٣٢﴾ ۽ جنهن شخص (يعني حضرت رسول الله ﷺ جن) سچائي کي (يعني قرآن

بِهٖٓ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿٣٣﴾ لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ ذٰلِكَ

کي) آندو ۽ (جنهن شخص) ان جي تصديق ڪئي (يعني حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ عام ايمان وارا) اهي ئي ماڻهو
پرهيزگار آهن ﴿٣٣﴾ انهن جي لاءِ پنهنجي پالڻهار وٽ اهو سڀ ڪجهه آهي، جيڪي اهي گهرندا. نيڪي ڪندڙن جو اهو ئي

جَزٰٓؤُا الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٣٤﴾ ۚۖ لِيُكَفِّرَ اللّٰهُ عَنْهُمْ اَسْوَاَ الَّذِىْ عَمِلُوْا وَيَجْزِيَهُمْ

بدلو آهي ﴿٣٤﴾ جيئن الله تعاليٰ سندن انهن برائين کي نيڪين ۾ بدلائي، جيڪي انهن ڪيون آهن ۽ ڪين سندن

اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ الَّذِىْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٣٥﴾ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِكَافٍ عَبْدَهٗ ؕ

ڪيل چڱائين جو سهڻو بدلو ڏي ﴿٣٥﴾ ڇا الله پنهنجي ٻانهي لاءِ ڪافي نه آهي؟ ۽ ڪافر توکي الله کان سواءِ ٻين (باطل

وَيُخَوِّفُوْنَكَ بِالَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿٣٦﴾ ۚ

معبودن) کان ڊيڄاري رهيا آهن ۽ جنهن کي الله گمراه ڪري، تنهن کي ڪو هدايت ڏيندڙ نه آهي ﴿٣٦﴾

وَمَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّضِلٍّ ؕ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِعَزِيْزٍ ذِى

۽ جنهن کي الله هدايت ڪري، انهيءَ کي ڪو گمراه ڪندڙ نه آهي. ڇا الله (هر شيءِ تي) غالب، بدلو وٺندڙ نه

انْتِقَامٍ ﴿٣٧﴾ وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ؕ

آهي؟ ﴿٣٧﴾ ۽ جيڪڏهن انهن کان پڇندين ته آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو؟ ضرور چوندا ته الله! فرماءِ ته پوءِ ڏسو!

قُلْ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ اَرَادَنِىَ اللّٰهُ بِضُرٍّ هَلْ

توهان الله کان سواءِ جن کي سڏيو ٿا، جيڪڏهن الله مون کي ڪا تڪليف ڏيڻ گهري ته ڇا اهي سندس تڪليف کي هٽائڻ

هُنَّ كٰشِفٰتُ ضُرِّهٖٓ اَوْ اَرَادَنِيْ بِرَحْمَةٍ هَلْ هُنَّ مُمْسِكٰتُ رَحْمَتِهٖ ؕ قُلْ

وارا آهن؟ يا جيڪڏهن الله مون کي ڪا رحمت ڏيڻ گهري ته ڇا سندس رحمت کي اهي روڪڻ وارا آهن؟ فرماءِ ته

حَسْبِيَ اللّٰهُ ؕ عَلَيْهِ يَتَوَكَّلُ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿۳۸﴾ قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى

منهنجي لاءِ الله ڪافي آهي. ڀروسو ڪندڙ مٿس ئي ڀروسو ڪن ٿا ﴿۳۸﴾ فرماءِ ته اي منهنجي قوم! پنهنجي جاءِ تي عمل

مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿۳۹﴾ لا مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَ

ڪريو، بيشڪ آءٌ به عمل ڪندڙ آهيان. پوءِ توهان سگهوئي ڄاڻندا ﴿۳۹﴾ (ته) ڪير آهي، جنهن تي خوار ڪندڙ عذاب

يَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿۴۰﴾ اِنَّآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ لِلنَّاسِ

اچي ٿو ۽ مٿس دائمي عذاب لهي ٿو؟ ﴿۴۰﴾ بيشڪ اسان توتي حقّ سان ماڻهن لاءِ ڪتاب لاٿو، پوءِ جنهن هدايت

بِالْحَقِّ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۚ

ورتي، تنهن پنهنجي لاءِ (هدايت ورتي) ۽ جنهن گمراهي اختيار ڪئي، پوءِ دراصل اهو پنهنجي لاءِ گمراه ٿئي

وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ﴿۴۱﴾ ع اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الْاَنْفُسَ حِيْنَ مَوْتِهَا وَالَّتِيْ

ٿو ۽ تون مٿن نگران نه آهين ﴿۴۱﴾ الله ماڻهن جا ساهَ سندن موت جي وقت ڪڍي ٿو ۽ جيڪي ماڻهو نٿا مرن، (تن جا روح)

لَمْ تَمُتْ فِيْ مَنَامِهَا ۚ فَيُمْسِكُ الَّتِيْ قَضٰى عَلَيْهَا الْمَوْتَ وَيُرْسِلُ

ننڊ ۾ ڪڍي ٿو. پوءِ جنهن جي موت جو حڪم ڪندو آهي، (تنهن جي روح کي پاڻ وٽ) روڪيندو آهي ۽ ٻين

الْاُخْرٰٓى اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿۴۲﴾ اَمِ

(روحن) کي مقرر وقت تائين ڇڏي ڏيندو آهي. بيشڪ ان ۾ غور ڪندڙن لاءِ يقيناً نشانيون آهن ﴿۴۲﴾ يا انهن الله کان سواءِ

اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ شُفَعَآءَ ؕ قُلْ اَوَلَوْ كَانُوْا لَا يَمْلِكُوْنَ شَيْـًٔا وَّ

کي ٻيا سفارشي (يعني معبود) ٺهرايا آهن؟ (ڪين) فرماءِ ته جيتوڻيڪ اهي ڪنهن شيءِ جا مالڪ نه هجن ۽ نڪي عقل

لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٤٣﴾ قُلْ لِّلّٰهِ الشَّفَاعَةُ جَمِيْعًا ؕ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ

رکندا هجن؟ ﴿٤٣﴾ فرماءِ ته سڀ شفاعت الله لاءِ آهي. سندس ئي زمين ۽ آسمانن جي بادشاهي آهي، پوءِ ان ڏانهن ئي

الْاَرْضِ ؕ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَاِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَحْدَهُ اشْمَاَزَّتْ قُلُوْبُ

توهان کي موٽايو ويندو ﴿٤٤﴾ ۽ جڏهن اڪيلي الله کي ياد ڪيو ويندو آهي ته جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا رکن، تن

الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ ۚ وَاِذَا ذُكِرَ الَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِذَا هُمْ

جي دلين ۾ نفرت پيدا ٿيندي آهي ۽ جڏهن الله کان سواءِ (باطل معبودن کي) ياد ڪيو ويندو آهي، ان وقت اهي

يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿٤٥﴾ قُلِ اللّٰهُمَّ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ عٰلِمَ الْغَيْبِ وَ

خوشيون ڪندا آهن ﴿٤٥﴾ فرماءِ ته اي منهنجا الله! آسمانن ۽ زمين کي نئين سر پيدا ڪندڙ! ڳجهه ۽ ظاهر جا ڄاڻندڙ! تون

الشَّهَادَةِ اَنْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ فِيْ مَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿٤٦﴾

پنهنجن ٻانهن جي وچ ۾ انهن ڳالهين جي باري ۾ فيصلو فرمائيندين، جن ۾ اهي اختلاف ڪري رهيا آهن ﴿٤٦﴾

وَلَوْ اَنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا وَّمِثْلَهٗ مَعَهٗ لَافْتَدَوْا

۽ جيڪڏهن ظالمن وٽ زمين جو سڀ مال ملڪيت ۽ اهڙو ئي ٻيو به هجي ته يقينًا اهو سڀ قيامت جي ڏينهن عذاب جي

بِهٖ مِنْ سُوْٓءِ الْعَذَابِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَبَدَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مَا لَمْ

بڇڙائي کان (بچڻ لاءِ) بدلي ۾ ڏيندا ۽ الله جي طرفان سندن لاءِ اهي ڳالهيون ظاهر ٿينديون، جن جو اهي (دنيا ۾)

يَكُوْنُوْا يَحْتَسِبُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَبَدَا لَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا وَحَاقَ بِهِمْ مَّا

گمان به نٿا ڪن ﴿٤٧﴾ ۽ سندن لاءِ سندن ڪيل ڪمايل برائيون ظاهر ٿينديون ۽ جيڪي ٺٺوليون ڪن ٿا، اهي کين ويڙهي

كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٤٨﴾ فَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَانَا ؗ ثُمَّ اِذَا

وٺنديون ﴿٤٨﴾ پوءِ جڏهن انسان کي ڪا تڪليف پهچندي آهي ته اسان کي سڏيندو آهي، پوءِ جڏهن ڪيس پنهنجي طرفان ڪا

خَوَّلْنٰهُ نِعْمَةً مِّنَّا ۙ قَالَ اِنَّمَآ اُوْتِيْتُهٗ عَلٰى عِلْمٍ ؕ بَلْ هِىَ فِتْنَةٌ وَّ

نعمت بخشيندا آهيون، چوندو آهي تہ بيشڪ اها مون کي علم جي آڌار تي ڏني وئي آهي، (ائين هرگز نہ آهي.) بلڪ اها

لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۴۹﴾ قَدْ قَالَهَا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَمَآ اَغْنٰى

(سندس لاءِ) هڪڙي آزمائش آهي ۽ پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن ﴿۴۹﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو انهن کان اڳ هئا، اهي بہ ساڳي ڳالھ

عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۵۰﴾ فَاَصَابَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا ؕ وَالَّذِيْنَ

چوندا هئا. پوءِ ڪين سندن ڪرتوت بچائي نہ سگهيا ﴿۵۰﴾ پوءِ سندن ڪرتوتن جي بڇڙاين ڪين پڪڙيو ۽ هِنن ماڻهن مان بہ جن

ظَلَمُوْا مِنْ هٰٓؤُلَآءِ سَيُصِيْبُهُمْ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا ۙ وَمَا هُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿۵۱﴾

ظلم ڪيو آهي، تن کي بہ سگهوئي سندن ڪرتوتن جون بڇڙايون پڪڙينديون ۽ اهي (اسان کي) عاجز ڪندڙ نہ آهن ﴿۵۱﴾

اَوَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ

ڇا نہ ڄاڻائون تہ بيشڪ الله جنهن جي گهري ٿو، روزي ڪشادي ڪري ٿو ۽ (جنهن جي گهري ٿو روزي) تنگ ڪري ٿو.

لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۵۲﴾ ع قُلْ يٰعِبَادِىَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ لَا ع ۵/۲

بيشڪ ان ۾ ان قوم لاءِ نشانيون آهن، جيڪي ايمان آڻين ٿا ﴿۵۲﴾ فرماءِ اي منهنجا اهي ٻانهو! جن پاڻ تي ظلم ۽

تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ

زيادتي ڪئي آهي، الله جي رحمت کان مايوس نہ ٿيو، بيشڪ الله سڀ گناھ معاف فرمائيندو آهي. بيشڪ اهو ئي

الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۳﴾ وَاَنِيْبُوْٓا اِلٰى رَبِّكُمْ وَاَسْلِمُوْا لَهٗ مِنْ قَبْلِ اَنْ

مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿۵۳﴾ ۽ پنهنجي ربّ ڏانهن رجوع ڪريو ۽ پاڻ تي عذاب جي اچڻ کان اڳ سندس

يَّاْتِيَكُمُ الْعَذَابُ ثُمَّ لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿۵۴﴾ وَاتَّبِعُوْٓا اَحْسَنَ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ

فرمانبرداري ڪريو. پوءِ توهان جي مدد نہ ڪئي ويندي ﴿۵۴﴾ ۽ توهان ڏانهن توهان جي ربّ جي طرفان، جيڪا سڀ کان

مِّنْ رَّبِّكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ الْعَذَابُ بَغْتَةً وَّاَنْتُمْ لَا

سهڻي شيءِ لاٿي وئي آهي، ان جي پيروي ڪريو، اڳ ان کان جو توهان تي اوچتو عذاب اچي ۽ توهان کي خبر به نه

تَشْعُرُوْنَ ﴿٥٥﴾ اَنْ تَقُوْلَ نَفْسٌ يّٰحَسْرَتٰى عَلٰى مَا فَرَّطْتُّ فِىْ جَنْۢبِ اللّٰهِ

پوي ﴿٥٥﴾ متان ڪو شخص چوي ته هاءِ مون تي افسوس! انهيءَ ڪوتاهي جي ڪري، جيڪا الله جي باري ۾ مون کان ٿي

وَاِنْ كُنْتُ لَمِنَ السّٰخِرِيْنَ ﴿٥٦﴾ اَوْ تَقُوْلَ لَوْ اَنَّ اللّٰهَ هَدٰىنِىْ لَكُنْتُ

۽ جيتوڻيڪ آءٌ ٺٺوليون ڪندڙن مان هيس ﴿٥٦﴾ يا متان ڪو شخص چوي ته جيڪڏهن الله مون کي هدايت ڏي ها ته

مِنَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٥٧﴾ اَوْ تَقُوْلَ حِيْنَ تَرَى الْعَذَابَ لَوْ اَنَّ لِىْ كَرَّةً فَاَكُوْنَ

ضرور پرهيزگارن مان ٿيان ها ﴿٥٧﴾ يا جنهن وقت عذاب ڏسي، ان وقت چوي ته جيڪر مون کي (ٻيهر دنيا ۾) موٽايو

مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٨﴾ بَلٰى قَدْ جَآءَتْكَ اٰيٰتِىْ فَكَذَّبْتَ بِهَا وَاسْتَكْبَرْتَ

وڃي ته آءٌ نيڪي ڪندڙن مان ٿيان ﴿٥٨﴾ بلڪ تو وٽ منهنجيون آيتون آيون، پوءِ تو انهن کي ڪوڙو ڪيو ۽ تو

وَكُنْتَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٩﴾ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ تَرَى الَّذِيْنَ كَذَبُوْا عَلَى اللّٰهِ

وڏائي ڪئي ۽ تون ڪافرن مان آهين ﴿٥٩﴾ ۽ قيامت جي ڏينهن ڏسندين ته جن ماڻهن الله تي ڪوڙ هنيو آهي،

وُجُوْهُهُمْ مُّسْوَدَّةٌ ؕ اَلَيْسَ فِىْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٦٠﴾ وَيُنَجِّى اللّٰهُ

انهن جا منهن ڪارا ڪيل آهن. ڇا جهنم وڏائي ڪندڙن جي جاءِ نه آهي؟ ﴿٦٠﴾ ۽ جن پرهيزگاري ڪئي، تن

الَّذِيْنَ اتَّقَوْا بِمَفَازَتِهِمْ ۫ لَا يَمَسُّهُمُ السُّوْٓءُ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦١﴾ اَللّٰهُ خَالِقُ

کي الله سندن ڪاميابيءَ جي ڪري نجات ڏيندو. نه کين ڪا تڪليف پهچندي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا ﴿٦١﴾ الله هر

كُلِّ شَىْءٍ ۫ وَّهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ وَّكِيْلٌ ﴿٦٢﴾ لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ

شيءِ جو خالق آهي ۽ اهو ئي هر شيءِ جي سنڀاليندڙ آهي ﴿٦٢﴾ وٽس ئي آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٦٣﴾ ع قُلْ اَفَغَيْرَ اللّٰهِ

آهن ۽ جن ماڻهن الله جي آيتن جو ڪفر ڪيو، اهي ئي ماڻهو نقصان پوڻ وارا آهن ﴿٦٣﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ اي

تَاْمُرُوْٓنِّيْٓ اَعْبُدُ اَيُّهَا الْجٰهِلُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَلَقَدْ اُوْحِيَ اِلَيْكَ وَاِلَى الَّذِيْنَ مِنْ

جاهلو! ڇا مون کي حڪم ڏيو ٿا تہ الله کي ڇڏي ٻين جي عبادت ڪريان؟ ﴿٦٤﴾ ۽ (اي پيغمبر ﷺ!) بيشڪ

قَبْلِكَ ج لَئِنْ اَشْرَكْتَ لَيَحْبَطَنَّ عَمَلُكَ وَلَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٦٥﴾ بَلِ

تو ڏانهن ۽ توکان اڳين (پيغمبرن سڳورن مان هر هڪ) ڏانهن بہ وحي موڪليو ويو تہ جيڪڏهن تون شرڪ ڪندين

اللّٰهَ فَاعْبُدْ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖ صلے وَ

تہ ضرور تنهنجو عمل ڇٽ ٿي ويندو ۽ ضرور تون نقصان پوڻ وارن مان ٿي پوندين ﴿٦٥﴾ بلڪ صرف (هڪڙي) الله جي
عبادت ڪر ۽ شڪرگذارن مان ٿيءُ ﴿٦٦﴾ ۽ انهن، الله جو قدر سڃاڻڻ جو جيترو حقّ آهي، اوترو قدر ناهي سڃاتو

الْاَرْضُ جَمِيْعًا قَبْضَتُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَالسَّمٰوٰتُ مَطْوِيّٰتٌۢ بِيَمِيْنِهٖ ط

۽ قيامت جي ڏينهن سڀ زمين ۽ آسمانَ سندس ساڄي هٿ ۾ ويڙهيل هوندا. الله پاڪ ۽ مٿانهون آهي، انهيءَ

سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَنُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَصَعِقَ مَنْ فِي

شرڪ کان جيڪو اهي ڪن ٿا ﴿٦٧﴾ ۽ صور ۾ ڦوڪيو ويندو. پوءِ جيڪا (بہ مخلوق) آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪا (بہ مخلوق)

السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ اِلَّا مَنْ شَآءَ اللّٰهُ ط ثُمَّ نُفِخَ فِيْهِ اُخْرٰى فَاِذَا

زمين ۾ آهي، اهي سڀ ڪِري پوندا، مگر جنهن کي الله گهرندو. پوءِ جڏهن ٻيهر ان ۾ ڦوڪيو ويندو، تڏهن

هُمْ قِيَامٌ يَّنْظُرُوْنَ ﴿٦٨﴾ وَاَشْرَقَتِ الْاَرْضُ بِنُوْرِ رَبِّهَا وَوُضِعَ الْكِتٰبُ وَ

اهي اٿي ٻيهي نهاريندا ﴿٦٨﴾ ۽ زمين پنهنجي ربّ جي نور سان روشن ٿي ويندي ۽ ڪتاب (يعني لوح

جِايْٓءَ بِالنَّبِيّٖنَ وَالشُّهَدَآءِ وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْحَقِّ وَهُمْ لَا

محفوظ) کي رکيو ويندو ۽ نبين ۽ شهيدن کي آندو ويندو ۽ سندن وچ ۾ حقّ سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ انهن تي ظلم

يُظْلَمُوْنَ ﴿٦٩﴾ وَ وُفِّيَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ وَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَا

نہ ڪيو ويندو ﴿٦٩﴾ ۽ هر شخص کي سندس عملن جو پورو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ جيڪي ڪم اهي ڪن ٿا، تن کي الله

يَفْعَلُوْنَ ﴿٧٠﴾ع وَسِيْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى جَهَنَّمَ زُمَرًا ؕ حَتّٰٓى اِذَا

وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ﴿٧٠﴾ ۽ ڪافرن کي دوزخ ڏانهن ٽوليون ٽوليون ڪري هڪليو ويندو، تانجو جڏهن اتي ايندا تہ ان

جَآءُوْهَا فُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ لَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ رُسُلٌ

جا دروازا کوليا ويندا ۽ ان جو داروغو کين چوندو تہ ڇا توهان وٽ توهان مان پيغمبر نہ آيا هئا،

مِّنْكُمْ يَتْلُوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ رَبِّكُمْ وَيُنْذِرُوْنَكُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ؕ

جيڪي توهان کي توهان جي ربّ جون آيتون پڙهي ٻڌائيندا هئا ۽ توهان کي هن ڏينهن جي اچڻ کان

قَالُوْا بَلٰى وَلٰكِنْ حَقَّتْ كَلِمَةُ الْعَذَابِ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧١﴾ قِيْلَ

ڊيڄاريندا هئا؟ اهي چوندا تہ هائو! ۽ پر ڪافرن جي حقّ ۾ عذاب جو حڪم ثابت ٿي چڪو آهي ﴿٧١﴾ چيو ويندو تہ

ادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ فَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٧٢﴾ وَ

هميشه جي لاءِ دوزخ جي دروازن مان داخل ٿي وڃو. پوءِ وڏائي ڪندڙن جي جاءِ ڏاڍي بڇڙي آهي ﴿٧٢﴾ ۽

سِيْقَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ اِلَى الْجَنَّةِ زُمَرًا ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْهَا وَ

جيڪي ماڻهو پنهنجي ربّ کان ڊڄن ٿا، تن کي جنت ڏانهن ٽوليون ٽوليون ڪري آندو ويندو، تانجو جڏهن اتي ايندا ۽

فُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ لَهُمْ خَزَنَتُهَا سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ طِبْتُمْ فَادْخُلُوْهَا

ان جا دروازا کوليا ويندا ۽ سندن داروغو کين سلام ڪري چوندو تہ توهان کي خوشخبري هجي. پوءِ جنت ۾ هميشه،

خٰلِدِيْنَ ﴿٧٣﴾ وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ صَدَقَنَا وَعْدَهٗ وَ اَوْرَثَنَا

هميشه لاءِ داخل ٿيو ﴿٧٣﴾ ۽ چوندا تہ سڀ ساراهہ الله لاءِ آهي، جنهن اسان سان پنهنجو وعدو سچو ڪيو ۽ اسان کي زمين

الْاَرْضَ نَتَبَوَّاُ مِنَ الْجَنَّةِ حَيْثُ نَشَآءُ ج فَنِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ ﴿٧٤﴾ وَ

جو وارث ڪيائين. اسين جنت ۾ جتي بہ گهرون، تہ اتي رهون. پوءِ عمل ڪندڙن لاءِ ڏاڍو چڱو اجر آهي ﴿٧٤﴾ ۽

تَرَى الْمَلٰٓئِكَةَ حَآفِّيْنَ مِنْ حَوْلِ الْعَرْشِ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ ج

تون فرشتن کي ڏسندين تہ عرش جي چوڌاري (باادب ٿي) صفون ٻڌي، پنهنجي ربّ جي ساراھ سان سندس تسبيح

وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْحَقِّ وَقِيْلَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٧٥﴾ ع

بيان ڪن ٿا ۽ سندن وچ ۾ حقّ سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ چيو ويندو تہ سڀ ساراھ جهانن جي پالڻهار الله لاءِ آهي ﴿٧٥﴾

اٰيَاتُهَا ٨٥ (٤٠) سُوْرَةُ الْمُؤْمِنِ مَكِّيَّةٌ (٦٠) رُكُوْعَاتُهَا ٩

سورة المؤمن مڪي آهي. هن ۾ پنجاسي آيتون ۽ نو رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

حٰمٓ ج ﴿١﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ﴿٢﴾ لا غَافِرِ الذَّنْۢبِ

حٰمٓ حڪم ۽ تقدير الله جي طرفان آهي ﴿١﴾ (هيءُ) ڪتاب غالب، علم واري (الله) جي طرفان لاٿل آهي ﴿٢﴾ گناھ

وَ قَابِلِ التَّوْبِ شَدِيْدِ الْعِقَابِ لا ذِى الطَّوْلِ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ط

بخشيندڙ ۽ توبه قبول ڪندڙ، سخت عذاب ڏيندڙ ، ڏاڍو سگهارو آهي. ان ڪان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نہ آهي (۽ هر

اِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿٣﴾ مَا يُجَادِلُ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ اِلَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَلَا

شيءِ ڪي) ان ڏانهن موٽڻو آهي ﴿٣﴾ الله جي آيتن جي باري ۾ رڳو اهي ئي ماڻهو جهيڳڙو ڪري رهيا آهن، جن ڪفر

يَغْرُرْكَ تَقَلُّبُهُمْ فِى الْبِلَادِ ﴿٤﴾ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّالْاَحْزَابُ

ڪيو. پوءِ توکي سندن شهرن ۾ اچ وڃ دوکي ۾ نہ وجهي ﴿٤﴾ انهن کان اڳ نوح (عليه السلام) جي قوم بہ ۽ انهن کان بعد

مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ ۪ وَهَمَّتۡ كُلُّ اُمَّةٍۭ بِرَسُوۡلِهِمۡ لِيَاۡخُذُوۡهُ

کيترين ئي قومن (الله جي رسولن کي) ڪوڙو ڪيو ۽ هر امت پنهنجي پنهنجي رسول کي پڪڙڻ جو ارادو ڪيو ۽

وَجٰدَلُوۡا بِالۡبَاطِلِ لِيُدۡحِضُوۡا بِهِ الۡحَقَّ فَاَخَذۡتُهُمۡ ۗ فَكَيۡفَ كَانَ

اهي باطل سان جهڳڙو ڪندا رهيا، جيئن ان جي ذريعي حقّ کي ختم ڪن. پوءِ مون ڪين پڪڙيو، پوءِ ڪيئن هو

عِقَابِ ۝٥ وَكَذٰلِكَ حَقَّتۡ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اَنَّهُمۡ

منهنجو عذاب؟ ⑤ اهڙيءَ طرح تنهنجي ربّ جو حڪم انهن ماڻهن تي ثابت ٿيو، جن ڪفر ڪيو ته اهي

وقف لازم وقف النبي صلى الله عليه وسلم

اَصۡحٰبُ النَّارِ ۘ ۝٦ اَلَّذِيۡنَ يَحۡمِلُوۡنَ الۡعَرۡشَ وَمَنۡ حَوۡلَهٗ يُسَبِّحُوۡنَ بِحَمۡدِ

دوزخي آهن ⑥ جيڪي (فرشتا) عرش کڻي بيٺا آهن ۽ جيڪي ان جي چوڌاري آهن، اهي پنهنجي ربّ جي ساراهه سان

رَبِّهِمۡ وَيُؤۡمِنُوۡنَ بِهٖ وَيَسۡتَغۡفِرُوۡنَ لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ۚ رَبَّنَا وَسِعۡتَ كُلَّ شَىۡءٍ

تسبيح بيان ڪن ٿا ۽ مٿس ايمان رکن ٿا ۽ مؤمنن لاءِ بخشش گهرن ٿا. (چون ٿا ته) ربّ اسان جا! تنهنجي رحمت ۽ علم هر

رَّحۡمَةً وَّعِلۡمًا فَاغۡفِرۡ لِلَّذِيۡنَ تَابُوۡا وَاتَّبَعُوۡا سَبِيۡلَكَ وَقِهِمۡ عَذَابَ

شيءِ تي ڪشادو آهي، پوءِ جن ماڻهن توبه ڪئي ۽ تنهنجي رستي جي پيروي ڪيائون، انهن جي مغفرت فرماءِ ۽ ڪين

الۡجَحِيۡمِ ۝٧ رَبَّنَا وَاَدۡخِلۡهُمۡ جَنّٰتِ عَدۡنِ ِۨالَّتِىۡ وَعَدۡتَّهُمۡ وَمَنۡ صَلَحَ مِنۡ

جهنم جي عذاب کان بچاءِ ⑦ ربّ اسان جا! ۽ ڪين هميشه رهڻ وارين جنتن ۾ داخل فرماءِ، جن جو تو ساڻن ۽ سندن صالح ابن

اٰبَآئِهِمۡ وَاَزۡوَاجِهِمۡ وَذُرِّيّٰتِهِمۡ ؕ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ۙ ۝٨ وَقِهِمُ

ڏاڏن ۽ سندن گهر وارين ۽ سندن اولاد سان وعدو فرمايو آهي. بيشڪ تون ئي غالب، حڪمت وارو آهين ⑧ ۽ ڪين

السَّيِّاٰتِ ؕ وَمَنۡ تَقِ السَّيِّاٰتِ يَوۡمَئِذٍ فَقَدۡ رَحِمۡتَهٗ ؕ وَذٰلِكَ هُوَ

گناهن کان بچاءِ ۽ جنهن کي اڄ تو گناهن (جي سزا) کان بچايو، پوءِ بيشڪ تو مٿس رحم ڪيو ۽ اها ئي اها وڏي

الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنَادَوْنَ لَمَقْتُ اللّٰهِ اَكْبَرُ مِنْ

كاميابي آهي ⑨ بيشڪ جن ماڻهن ڪفر ڪيو، تن کي (قيامت جي ڏينهن) سڏي چيو ويندو ته يقينًا الله جي ڪاوڙ

مَّقْتِكُمْ اَنْفُسَكُمْ اِذْ تُدْعَوْنَ اِلَى الْاِيْمَانِ فَتَكْفُرُوْنَ ﴿١٠﴾ قَالُوْا رَبَّنَآ اَمَتَّنَا

توهان جي ڪاوڙ کان وڏيڪ سخت آهي. جڏهن توهان کي (دنيا ۾) ايمان لاءِ سڏيو ويندو هو، پوءِ توهان (ڪاوڙ ۾ وڏائي

اثْنَتَيْنِ وَاَحْيَيْتَنَا اثْنَتَيْنِ فَاعْتَرَفْنَا بِذُنُوْبِنَا فَهَلْ اِلٰى خُرُوْجٍ مِّنْ

ڪندي ان جو) ڪفر ڪندا هئا ⑩ چيائون ته ربّ اسان جا! تو اسان کي ٻه ڀيرا موت ڏنو ۽ تو اسان کي ٻه ڀيرا زنده ڪيو، پوءِ
اسان پنهنجن گناهن جو اقرار ڪيو. ڇا پوءِ (هاڻي اسان جي لاءِ هِن دوزخ کان) ٻاهر نڪرڻ جي ڪا واهه، ڪا واٽ

سَبِيْلٍ ﴿١١﴾ ذٰلِكُمْ بِاَنَّهٗٓ اِذَا دُعِيَ اللّٰهُ وَحْدَهٗ كَفَرْتُمْ ۚ وَاِنْ يُّشْرَكْ بِهٖ

آهي؟ ⑪ اهو هن ڪري آهي، جو جڏهن اڪيلي الله کي سڏبو هو ته توهان ڪفر ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ان سان شرڪ ڪيو ويندو هو

تُؤْمِنُوْا ۭ فَالْحُكْمُ لِلّٰهِ الْعَلِيِّ الْكَبِيْرِ ﴿١٢﴾ هُوَ الَّذِيْ يُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ وَيُنَزِّلُ

ته ايمان آڻيندا هئا، پوءِ (اڄ) بلند وڏي (شان واري) الله جو ئي حڪم هلندو ⑫ اهو الله ئي آهي، جيڪو توهان کي پنهنجيون

لَكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ رِزْقًا ۭ وَمَا يَتَذَكَّرُ اِلَّا مَنْ يُّنِيْبُ ﴿١٣﴾ فَادْعُوا

نشانيون ڏيکاري ٿو ۽ توهان لاءِ آسمان تان روزي لاهي ٿو ۽ رڳو رجوع ڪندڙ شخص ئي نصيحت حاصل ڪندو آهي ⑬ پوءِ

اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿١٤﴾ رَفِيْعُ الدَّرَجٰتِ

پنهنجي دين کي الله لاءِ خالص ڪري، ان کي ئي سڏيو ۽ جيتوڻيڪ ڪافرن کي ناپسند هجي ⑭ (الله) بلند درجن وارو، عرش

ذُو الْعَرْشِ ۚ يُلْقِي الرُّوْحَ مِنْ اَمْرِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ

جو مالڪ آهي. پنهنجي حڪم سان پنهنجن ٻانهن مان جنهن تي گهري ٿو، روح (يعني وحي) موڪلي ٿو، جيئن (عذاب ۽

لِيُنْذِرَ يَوْمَ التَّلَاقِ ﴿١٥﴾ ۙ يَوْمَ هُمْ بٰرِزُوْنَ ۚ ۵ لَا يَخْفٰى عَلَى اللّٰهِ

ثواب جي) ملڻ واري ڏينهن کان ڊيڄاري ⑮ جنهن ڏينهن اهي (قبرن مان) ٻاهر نڪرندا، ان ڏينهن سندن ڪا به شيءِ الله تي

مِنْهُمْ شَيْءٌ ؕ لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ؕ لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ ﴿١٦﴾ اَلْيَوْمَ

ڳجهي نہ رهندي. (الله فرمائيندو تہ) اڄ بادشاهي ڪنهن جي آهي؟ (بادشاهي) اڪيلي، زبردست الله جي آهي ﴿١٦﴾ اڄ

تُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ ؕ لَا ظُلْمَ الْيَوْمَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿١٧﴾

هر شخص کي سندس ڪمائيءَ جو بدلو ڏنو ويندو. اڄ ڪو ظلم نہ آهي. بيشڪ الله جلد حساب ڪندڙ آهي ﴿١٧﴾

وَاَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْاٰزِفَةِ اِذِ الْقُلُوْبُ لَدَى الْحَنَاجِرِ كٰظِمِيْنَ ؕ۬ مَا

۽ ڪين قيامت جي قريبي ڏينهن کان ڊيڄار، جڏهن غم سان ڀريل دليون نڙگهٽن تائين نڪري ايندِيون. ظالمن

لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ حَمِيْمٍ وَّلَا شَفِيْعٍ يُّطَاعُ ؕ ﴿١٨﴾ يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا

لاءِ نہ ڪو مددگار آهي ۽ نہ ڪو شفاعت ڪندڙ آهي، جنهن جي ڳالهہ مڃي وڃي ﴿١٨﴾ (الله) اکين جي خيانت ۽

تُخْفِى الصُّدُوْرُ ﴿١٩﴾ وَاللّٰهُ يَقْضِىْ بِالْحَقِّ ؕ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا

سينن جي رازن کي بہ ڄاڻي ٿو ﴿١٩﴾ ۽ الله ٺيڪ حقّ سان فيصلو فرمائي ٿو ۽ (باطل معبودَ)، جن کي اهي الله کان

يَقْضُوْنَ بِشَيْءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ﴿٢٠﴾ ع اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ ع ١١ ٢

سواءِ سڏين ٿا، اهي ڪنهن بہ شيءِ جو فيصلو نٿا ڪن. بيشڪ الله ئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي ﴿٢٠﴾ ڇا زمين ۾ گهمي ڦري نٿا

فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ كَانُوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَانُوْا هُمْ

ڏسن تہ جيڪي ماڻهو انهن کان اڳ هئا، انهن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ اهي انهن کان وڌيڪ سگهارا ۽ زمين کي آباد ڪرڻ

اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَّاٰثَارًا فِى الْاَرْضِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ وَمَا

(يعني مادي تهذيب ۽ تمدّن کي قائم ڪرڻ) ۾ وڌيڪ طاقتور هئا. پوءِ الله تعاليٰ ڪين سندن گناهن جي سبب پڪڙيو ۽

كَانَ لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ ﴿٢١﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ

الله جي مقابلي ۾ ڪين ڪو بچائڻ وارو نہ هو ﴿٢١﴾ اهو هن ڪري آهي تہ وٽن سندن رسولن روشن نشانيون آنديون، پوءِ بہ

بِالْبَيِّنٰتِ فَكَفَرُوْا فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ ۭ اِنَّهٗ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢٢﴾ وَ

انهن ڪفر ڪيو، پوءِ ڪين الله پڪڙيو . بيشڪ اهو ڏاڍو سگهارو سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي ﴿٢٢﴾ ۽ بيشڪ

لَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٣﴾ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ

اسان موسيٰ (عليه السلام) کي پنهنجين نشانين ۽ پڌري معجزي سان موڪليو ﴿٢٣﴾ فرعون ۽ هامان ۽ قارون ڏانهن، پوءِ

وَقَارُوْنَ فَقَالُوْا سٰحِرٌ كَذَّابٌ ﴿٢٤﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِالْحَقِّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوا

انهن چيو ته (هيءُ ته) هڪڙو ڪوڙو جادوگر آهي ﴿٢٤﴾ پوءِ جڏهن اسان جي طرفان وٽن حقّ آندائين، (فرعونين)

اقْتُلُوْٓا اَبْنَآءَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ وَاسْتَحْيُوْا نِسَآءَهُمْ ۭ وَمَا كَيْدُ

چيو ته جن ماڻهن موسيٰ (عليه السلام) تي ايمان آندو آهي، انهن جي پٽن کي قتل ڪريو ۽ سندن عورتن کي جيئرو

الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ ﴿٢٥﴾ وَقَالَ فِرْعَوْنُ ذَرُوْنِيْٓ اَقْتُلْ مُوْسٰى وَلْيَدْعُ

ڇڏي ڏيو ۽ ڪافرن جي تدبير گمراهيءَ کان سواءِ ڪجھ به نه آهي ﴿٢٥﴾ ۽ فرعون چيو ته مون کي ڇڏيو ته موسيٰ

رَبَّهٗ ۚ اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يُّبَدِّلَ دِيْنَكُمْ اَوْ اَنْ يُّظْهِرَ فِي الْاَرْضِ

کي قتل ڪريان. ڀلي پنهنجي ربّ کي پڪاري. بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو ته متان توهان جي دين کي مٽائي ڇڏي، يا

الْفَسَادَ ﴿٢٦﴾ وَقَالَ مُوْسٰٓى اِنِّيْ عُذْتُ بِرَبِّيْ وَرَبِّكُمْ مِّنْ كُلِّ مُتَكَبِّرٍ لَّا

زمين ۾ فساد پکيڙي ﴿٢٦﴾ ۽ موسيٰ (عليه السلام) چيو ته بيشڪ مون هر متڪبّر، حساب جي ڏينهن جي انڪاري (ٿيڻ

يُؤْمِنُ بِيَوْمِ الْحِسَابِ ﴿٢٧﴾ ع وَقَالَ رَجُلٌ مُّؤْمِنٌ ۖ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَكْتُمُ

آخرت جي منڪر) کان پنهنجي ربّ ۽ توهان جي ربّ جي پناهه ورتي آهي ﴿٢٧﴾ فرعوني قوم مان پنهنجو ايمان

اِيْمَانَهٗٓ اَتَقْتُلُوْنَ رَجُلًا اَنْ يَّقُوْلَ رَبِّيَ اللّٰهُ وَقَدْ جَآءَكُمْ بِالْبَيِّنٰتِ

لڪائيندڙ هڪڙي مرد مؤمن چيو ته ڇا توهان انهيءَ هڪ شخص کي قتل ڪريو ٿا، جيڪو چوي ٿو ته منهنجو ربّ الله آهي

مِنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَاِنْ يَّكُ كَاذِبًا فَعَلَيْهِ كَذِبُهٗ ۚ وَاِنْ يَّكُ صَادِقًا

۽ بيشڪ انهيءَ توهان وٽ، توهان جي ربّ جي طرفان روشن نشانيون به آنديون آهن ۽ جيڪڏهن (موسيٰ عليه السلام)

يُّصِبْكُمْ بَعْضُ الَّذِيْ يَعِدُكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ

ڪوڙو آهي ته سندس ڪوڙ (جو وبال) انهيءَ تي آهي، پر جيڪڏهن اهو سچو آهي ته توهان کي ڪجهه نه ڪجهه

كَذَّابٌ ﴿٢٨﴾ يٰقَوْمِ لَكُمُ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ظٰهِرِيْنَ فِي الْاَرْضِ ؗ فَمَنْ

(عذاب ضرور) پهچندو، جنهن جو توهان سان اهو وعدو ڪري ٿو (۽ توهان کي چتاءُ ڏئي ٿو.) بيشڪ الله ڪنهن حد کان لنگهندڙ،
ڪنهن ڪوڙي انسان کي هدايت نه ڏيندو آهي ﴿٢٨﴾ اي منهنجي قوم! اڄ ظاهري اعتبار سان زمين ۾ توهان جي بادشاهي آهي، پوءِ

يَّنْصُرُنَا مِنْ بَاْسِ اللّٰهِ اِنْ جَآءَنَا ؕ قَالَ فِرْعَوْنُ مَآ اُرِيْكُمْ اِلَّا مَآ اَرٰى

جيڪڏهن اسان تي الله جو عذاب اچي ته اسان کي ان کان ڪير بچائيندو؟ فرعون چيو ته آءٌ توهان کي اها ئي راءِ ڏيان ٿو،

وَمَآ اَهْدِيْكُمْ اِلَّا سَبِيْلَ الرَّشَادِ ﴿٢٩﴾ وَقَالَ الَّذِيْٓ اٰمَنَ يٰقَوْمِ اِنِّيْٓ اَخَافُ

جيڪا مون کي سُجهي ٿي ۽ آءٌ توهان کي بلڪل سڌي واٽ ڏيکاريان ٿو ﴿٢٩﴾ ۽ مرد مؤمن چيو ته اي منهنجي قوم! بيشڪ آءٌ

عَلَيْكُمْ مِّثْلَ يَوْمِ الْاَحْزَابِ ﴿٣٠﴾ مِثْلَ دَاْبِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ وَ

توهان تي (اڳين ڪافر) قومن وانگر (عذاب جي اچڻ ڪان) ڊڄان ٿو ﴿٣٠﴾ جهڙوڪ نوح ۽ هود ۽ صالح جي قوم ۽ جيڪي قومون

الَّذِيْنَ مِنْ بَعْدِهِمْ ؕ وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعِبَادِ ﴿٣١﴾ وَيٰقَوْمِ اِنِّيْٓ

انهن کان پوءِ هيون ۽ الله ٻانهن تي ظلم ڪرڻ نٿو گهري ﴿٣١﴾ ۽ اي منهنجي قوم! بيشڪ آءٌ توهان تي بدبختيءَ واري ان

اَخَافُ عَلَيْكُمْ يَوْمَ التَّنَادِ ﴿٣٢﴾ يَوْمَ تُوَلُّوْنَ مُدْبِرِيْنَ ۚ مَا لَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ

ڏينهن جي اچڻ کان ڊڄان ٿو، جڏهن هر طرف آهون ۽ دانهون هونديون ﴿٣٢﴾ جنهن ڏينهن توهان پٺيرا ٿي ڀڄندا. توهان

مِنْ عَاصِمٍ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿٣٣﴾ وَلَقَدْ جَآءَكُمْ

کي الله جي مقابلي ۾ ڪو بچائيندڙ نه هوندو ۽ جنهن کي الله گمراه ڪري، تنهن کي ڪو هدايت ڏيندڙ نه آهي ﴿٣٣﴾ ۽ بيشڪ

يُوْسُفُ مِنْ قَبْلُ بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا زِلْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّمَّا جَآءَكُمْ بِهٖ ؕ

توهان وٽ اڳ ۾ يوسف (عليه السلام) پڌريون نشانيون آنديون. پوءِ به توهان برابر سندس آندل (هدايت) جي باري ۾ شڪ ۾

حَتّٰۤى اِذَا هَلَكَ قُلْتُمْ لَنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ مِنْۢ بَعْدِهٖ رَسُوْلًا ؕ كَذٰلِكَ

رهيا، تانجو جڏهن هلاڪ ٿيو ته توهان چيو ته هن کان بعد الله ڪنهن رسول کي نه موڪليندو. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ (هر)

يُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ مُّرْتَابُ ۚ ۝٣٤ الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْۤ

ان شخص کي گمراه ڪري ٿو، جيڪو حد کان لنگهندڙ شڪي هوندو آهي ۝٣٤ (اهي شڪي ماڻهو) جيڪي الله جي آيتن

اٰيٰتِ اللّٰهِ بِغَيْرِ سُلْطٰنٍ اَتٰىهُمْ ؕ كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ وَعِنْدَ الَّذِيْنَ

جي باري ۾ پاڻ وٽ آيل دليل کان سواءِ جهڳڙو ڪن ٿا. (سندن دين حقّ جي اها مخالفت) الله ۽ مؤمنن وٽ وڏي

اٰمَنُوْا ؕ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ قَلْبِ مُتَكَبِّرٍ جَبَّارٍ ۝٣٥ وَقَالَ

ڏمر جو سبب آهي. اهڙيءَ طرح الله هر هڪ وڏائي ڪندڙ، ظالم جي دل تي مهر هڻندو آهي ۝٣٥ ۽ فرعون

فِرْعَوْنُ يٰهَامٰنُ ابْنِ لِيْ صَرْحًا لَّعَلِّيْۤ اَبْلُغُ الْاَسْبَابَ ۝٣٦ لا اَسْبَابَ

چيو ته اي هامان! منهنجي لاءِ هڪڙو بلند محل ٺاهه، شايد آءٌ انهن رستن تي پهچان ۝٣٦ (جيڪي مٿي)

السَّمٰوٰتِ فَاَطَّلِعَ اِلٰۤى اِلٰهِ مُوْسٰى وَاِنِّيْ لَاَظُنُّهٗ كَاذِبًا ؕ وَكَذٰلِكَ

آسمانن ڏانهن وڃن ٿا، پوءِ جهاتي پائي موسيٰ جي معبود کي ڏسان ۽ بيشڪ آءٌ کيس ڪوڙو پائيان ٿو ۽ اهڙيءَ طرح

زُيِّنَ لِفِرْعَوْنَ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ وَصُدَّ عَنِ السَّبِيْلِ ؕ وَمَا كَيْدُ فِرْعَوْنَ اِلَّا

فرعون لاءِ سندس بڇڙو عمل سينگاريو ويو ۽ کيس (سڌيءَ) واٽ کان روڪيو ويو ۽ فرعون جي تدبير رڳي هلاڪت ۽

فِيْ تَبَابٍ ۝٣٧ ع وَقَالَ الَّذِيْۤ اٰمَنَ يٰقَوْمِ اتَّبِعُوْنِ اَهْدِكُمْ سَبِيْلَ

بربادي (واري) هئي ۝٣٧ ۽ جنهن شخص ايمان آندو، تنهن چيو ته اي منهنجي قوم! منهنجي پيروي ڪريو ته توهان

الرَّشَادِ ﴿٣٨﴾ يٰقَوْمِ اِنَّمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا مَتَاعٌ ز وَّاِنَّ الْاٰخِرَةَ هِيَ

ڪي سڌي واٽ ڏيکاريان ﴿٣٨﴾ اي منهنجي قوم! دراصل دنيا جي هيءَ زندگي (ناليِ ماتر ۽ معمولي) سامان آهي ۽ بيشڪ

دَارُ الْقَرَارِ ﴿٣٩﴾ مَنْ عَمِلَ سَيِّئَةً فَلَا يُجْزٰٓى اِلَّا مِثْلَهَا ج وَمَنْ عَمِلَ

باقي رهڻ وارو گهر آخرت (جو گهر ئي) آهي ﴿٣٩﴾ جنهن شخص بڇڙو ڪم ڪيو، ان کي اهڙو ئي بدلو ڏنو ويندو ۽ مردن ۽

صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ

عورتن مان جنهن نيڪيءَ جا ڪم ڪيا ۽ اهو مؤمن به هوندو ته اهي ئي ماڻهو جنت ۾ داخل ٿيندا. اتي انهن کي بغير حساب

يُرْزَقُوْنَ فِيْهَا بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٤٠﴾ وَيٰقَوْمِ مَا لِيْٓ اَدْعُوْكُمْ اِلَى النَّجٰوةِ

جي روزي ڏني ويندي ﴿٤٠﴾ ۽ اي منهنجي قوم! ڪهڙي ڳالهه آهي، جو آءٌ توهان کي نجات ڏانهن سڏيان ٿو ۽ توهان مون کي

وَتَدْعُوْنَنِيْٓ اِلَى النَّارِ ﴿٤١﴾ ط تَدْعُوْنَنِيْ لِاَكْفُرَ بِاللّٰهِ وَاُشْرِكَ بِهٖ مَا

باهه ڏانهن سڏيو ٿا؟ ﴿٤١﴾ توهان مون کي سڏيو ٿا ته جيئن الله سان ڪفر ڪريان ۽ انهن (بتن) کي ساڻس شريڪ ڪريان، جن

لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ ز وَّاَنَا اَدْعُوْكُمْ اِلَى الْعَزِيْزِ الْغَفَّارِ ﴿٤٢﴾ لَا جَرَمَ اَنَّمَا

جي باري ۾ مون وٽ ڪو علم نه آهي ۽ آءٌ توهان کي غالب، بخشڻهار (الله) ڏانهن سڏيان ٿو ﴿٤٢﴾ هن ۾ شڪ نه آهي ته توهان

تَدْعُوْنَنِيْٓ اِلَيْهِ لَيْسَ لَهٗ دَعْوَةٌ فِي الدُّنْيَا وَلَا فِي الْاٰخِرَةِ وَاَنَّ مَرَدَّنَآ

جنهن (باطل معبود) ڏانهن مون کي سڏيو ٿا، تنهن کي دنيا ۽ آخرت ۾ سڏڻ جو ڪو حق نه آهي ۽ هيءُ ته الله ڏانهن ئي اسان

اِلَى اللّٰهِ وَاَنَّ الْمُسْرِفِيْنَ هُمْ اَصْحٰبُ النَّارِ ﴿٤٣﴾ فَسَتَذْكُرُوْنَ مَآ

جو موٽڻ آهي ۽ هيءُ ته حد کان لنگهڻ وارا ماڻهو ئي دوزخي آهن ﴿٤٣﴾ پوءِ جيڪا ڳالهه توهان کي چوان ٿو، سگهو ئي توهان

اَقُوْلُ لَكُمْ ط وَاُفَوِّضُ اَمْرِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ط اِنَّ اللّٰهَ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٤٤﴾

ان کي ياد ڪندا ۽ آءٌ پنهنجو ڪم الله جي حوالي ڪريان ٿو. بيشڪ الله ٻانهن (جي حال) کي ڏسندڙ آهي ﴿٤٤﴾

فَوَقٰىهُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِ مَا مَكَرُوْا وَحَاقَ بِاٰلِ فِرْعَوْنَ سُوْٓءُ الْعَذَابِ ج ﴿٤٥﴾

پوءِ الله ڪيس فرعونين جي مڪارين جي بڇڙائين کان بچايو ۽ فرعوني قوم کي عذاب جي بڇڙائيءَ وڪوڙي ورتو ﴿٤٥﴾

اَلنَّارُ يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا غُدُوًّا وَّعَشِيًّا ج وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ قف اَدْخِلُوْٓا

(يعني دوزخ جي) باھ، جنهن ۾ صبح ۽ شام پيش ڪيا وڃن ٿا ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي، (الله فرمائيندو ته)

اٰلَ فِرْعَوْنَ اَشَدَّ الْعَذَابِ ﴿٤٦﴾ وَاِذْ يَتَحَآجُّوْنَ فِي النَّارِ فَيَقُوْلُ

فرعوني قوم کي سڀ کان سخت عذاب ۾ داخل ڪريو ﴿٤٦﴾ ۽ جڏهن اهي دوزخ ۾ هڪ ٻئي سان تڪرار ڪندا. پوءِ هيٺا

الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ

هٿيلن کي چوندا ته بيشڪ اسين توهان جا پوئلڳ هئاسون، ڇا پوءِ توهان اسان تان باھ جو ڪجھ عذاب

عَنَّا نَصِيْبًا مِّنَ النَّارِ ﴿٤٧﴾ قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُلٌّ فِيْهَآ لا اِنَّ

هٽائڻ وارا آهيو؟ ﴿٤٧﴾ جن وڏائي ڪئي، اهي چوندا ته بيشڪ اسين سڀ انهيءَ ۾ آهيون. بيشڪ الله ٻانهن جي

اللّٰهَ قَدْ حَكَمَ بَيْنَ الْعِبَادِ ﴿٤٨﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ فِي النَّارِ لِخَزَنَةِ جَهَنَّمَ

وچ ۾ فيصلو فرمائي ڇڏيو ﴿٤٨﴾ ۽ دوزخي، جهنم جي داروغن کي چوندا ته پنهنجي پالڻهار کان دعا گهرو ته

ادْعُوْا رَبَّكُمْ يُخَفِّفْ عَنَّا يَوْمًا مِّنَ الْعَذَابِ ﴿٤٩﴾ قَالُوْٓا اَوَلَمْ تَكُ

هڪڙي ڏينهن لاءِ ئي اسان تان عذاب کي هلڪو ڪري ﴿٤٩﴾ اهي چوندا ته ڇا توهان وٽ توهان جي رسولن پڌريون

تَاْتِيْكُمْ رُسُلُكُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ط قَالُوْا بَلٰى ط قَالُوْا فَادْعُوْا ج وَمَا دُعٰٓؤُا

نشانيون نه آنديون هيون؟ (دوزخي) جواب ڏيندا ته هائو! (داروغا) چوندا ته پوءِ ڀلي دعا گهرو ۽ ڪافرن جي

الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ ع ﴿٥٠﴾ اِنَّا لَنَنْصُرُ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فِي ع ٥/١٣/١٠

دعا بلڪل اجائي، (يعني باطل ۽ بيڪار) آهي ﴿٥٠﴾ بيشڪ اسين پنهنجن رسولن ۽ ايمان وارن جي دنيا ۾ به مدد ڪريون

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيَوْمَ يَقُوْمُ الْاَشْهَادُ ۙ ﴿٥١﴾ يَوْمَ لَا يَنْفَعُ الظّٰلِمِيْنَ

تا ۽ قيامت جي ڏينهن ۾ جڏهن شاهد اٿي بيهندا (سندن مدد ڪنداسون) ﴿٥١﴾ انهيءَ ڏينهن ظالمن کي سندن معذرت

مَعْذِرَتُهُمْ وَلَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ ﴿٥٢﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى

فائدو نه ڏيندي ۽ مٿن الله جي لعنت آهي ۽ سندن لاءِ بڇڙو گهر آهي ﴿٥٢﴾ ۽ بيشڪ اسان موسيٰ (عليه السلام) کي

الْهُدٰى وَاَوْرَثْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْكِتٰبَ ۙ ﴿٥٣﴾ هُدًى وَّذِكْرٰى لِاُولِي

هدايت عطا ڪئي ۽ بني اسرائيل کي ڪتاب (يعني توريت) جو وارث ڪيوسون ﴿٥٣﴾ (جيڪو) هدايت ۽ عقلمندن لاءِ

الْاَلْبَابِ ﴿٥٤﴾ فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَسَبِّحْ

نصيحت هو ﴿٥٤﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ!) صبر ڪر، بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي ۽ پنهنجي گناه جي بخشش گهر ۽

بِحَمْدِ رَبِّكَ بِالْعَشِيِّ وَالْاِبْكَارِ ﴿٥٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ

صبح ۽ شام الله جي ساراهه سان تسبيح ڪر ﴿٥٥﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو پاڻ وٽ موجود ڪنهن دليل کان سواءِ

بِغَيْرِ سُلْطٰنٍ اَتٰىهُمْ ۙ اِنْ فِيْ صُدُوْرِهِمْ اِلَّا كِبْرٌ مَّا هُمْ بِبَالِغِيْهِ ۚ

الله جي آيتن ۾ جهڳڙو ڪن ٿا، انهن جي سينن ۾ رڳو وڏائي آهي، جنهن تائين اهي (هرگز) پهچڻ وارا

فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ﴿٥٦﴾ لَخَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

نه آهن. پوءِ الله جي پناه وٺ. بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي ﴿٥٦﴾ يقيناً آسمانن ۽ زمين جي پيدائش،

اَكْبَرُ مِنْ خَلْقِ النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَمَا يَسْتَوِي

ماڻهن جي پيدائش کان گهڻي وڏي آهي ۽ پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن ﴿٥٧﴾ ۽ انڌو ۽ سڄو ۽ جن ايمان آندو

الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ڏ ۙ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَلَا الْمُسِيْٓءُ ۭ

۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ جيڪي ماڻهو گنهگار آهن، اهي برابر نه هوندا آهن. توهان نصيحت گهٽ حاصل

قَلِيْلًا مَّا تَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۵۸﴾ اِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيْهَا وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ

ڪندا آھيو ﴿۵۸﴾ بيشڪ قيامت اچڻ واري آھي، جنھن ۾ ڪو شڪ نہ آھي ۽ پر گھڻا ماڻھو ايمان

النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ اِنَّ

نٿا آڻين ﴿۵۹﴾ ۽ توھان جو ربّ فرمائي ٿو تہ مون کي سڏيو تہ توھان جي دعا کي قبول ڪريان. بيشڪ جيڪي

الَّذِيْنَ يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِيْ سَيَدْخُلُوْنَ جَهَنَّمَ دٰخِرِيْنَ ﴿۶۰﴾ ع اَللّٰهُ

ماڻھو منھنجي عبادت کان وڏائي ڪن ٿا، اھي سگھوئي ذليل ٿي جھنم ۾ داخل ٿيندا ﴿۶۰﴾ اھو الله ئي آھي،

الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ

جنھن توھان لاءِ رات کي پيدا ڪيو، جيئن منجھس سڪون وٺو ۽ ڏينھن کي روشن ڪيائين (جيئن روزي ڳوليو.)

فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۶۱﴾ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ

بيشڪ الله ماڻھن تي وڏي فضل وارو آھي ۽ پر گھڻا ماڻھو شڪر نٿا ڪن ﴿۶۱﴾ اھو ئي توھان جو الله، توھان جو ربّ ھر

رَبُّكُمْ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ ۘ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۫ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿۶۲﴾ كَذٰلِكَ

شيءِ جو خالق آھي، ان کان سواءِ ڪو معبود نہ آھي. پوءِ ڪيڏانھن ٿا بھتان بازي ڪندي ڦرو؟ ﴿۶۲﴾ اھڙيءَ طرح اھي

يُؤْفَكُ الَّذِيْنَ كَانُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ ﴿۶۳﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ

ماڻھو بہ ڪوڙا ٿاھ ٺاھيندا ھئا، جيڪي اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا ھئا ﴿۶۳﴾ اھو الله ئي آھي، جنھن زمين کي توھان

لَكُمُ الْاَرْضَ قَرَارًا وَّالسَّمَآءَ بِنَآءً وَّصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ وَ

لاءِ آرام جي جاءِ ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ توھان کي صورت بخشيائين. پوءِ توھان کي ڏاڍي سھڻي صورت بخشيائين ۽

رَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ ۚۖ فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۶۴﴾

توھان کي پاڪ شين مان روزي ڏنائين. اھو ئي الله توھان جو ربّ آھي. پوءِ جھانن جو ربّ الله، برڪتن وارو آھي ﴿۶۴﴾

هُوَ الْحَيُّ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ؕ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ

اهو ئي زنده آهي، ان کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي. پوءِ پنهنجي دين کي سندس لاءِ خالص ڪري، ڪيس سڏيو. سڀ ساراهہ

رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۶۵﴾ قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ اَنْ اَعْبُدَ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ

جهانن جي پالڻهار، الله لاءِ آهي ﴿۶۵﴾ فرماءِ تہ بيشڪ مون کي روڪيو ويو آهي تہ الله کان سواءِ (انهن بتن) جي عبادت

اللّٰهِ لَمَّا جَآءَنِيَ الْبَيِّنٰتُ مِنْ رَّبِّيْ ز وَ اُمِرْتُ اَنْ اُسْلِمَ لِرَبِّ

ڪريان، جن کي توهان پڪاريو ٿا. جڏهن تہ مون وٽ پنهنجي ربّ جي طرفان روشن نشانيون اچي چڪيون آهن ۽ مون

الْعٰلَمِيْنَ ﴿۶۶﴾ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ مِنْ

کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ جهانن جي ربّ جو فرمانبردار ٿيان ﴿۶۶﴾ اهو الله، جنهن توهان کي مٽيءَ مان، پوءِ نطفي مان،

عَلَقَةٍ ثُمَّ يُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْٓا اَشُدَّكُمْ ثُمَّ لِتَكُوْنُوْا

پوءِ ڄميل رت مان پيدا فرمايو. پوءِ توهان کي (مائرن جي پيٽن مان) ٻار ڪري ٻاهر ڪڍي ٿو. پوءِ توهان جوانيءَ کي

شُيُوْخًا ج وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّتَوَفّٰى مِنْ قَبْلُ وَلِتَبْلُغُوْٓا اَجَلًا مُّسَمًّى وَّ

پهچو ٿا. پوءِ توهان پوڙها ٿيو ٿا ۽ توهان مان ڪو ان کان اڳ گذاري وڃي ٿو ۽ جيئن توهان مقرر ڪيل مدّت پوري ڪريو ۽ مَنَ

لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۶۷﴾ هُوَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ج فَاِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا

توهان عقل کان ڪم وٺو ﴿۶۷﴾ اهو الله ئي آهي، جيڪو جياري ٿو ۽ ماري ٿو. جڏهن ڪنهن ڪم جو فيصلو

يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۶۸﴾ ع اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِ ع ۷

فرمائي ٿو تہ رڳو چوي ٿو تہ ٿيءُ تہ ٿي پوندو آهي ﴿۶۸﴾ ڇا تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو، جيڪي الله جي آيتن

اللّٰهِ ؕ اَنّٰى يُصْرَفُوْنَ ﴿۶۹﴾ صلے الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِالْكِتٰبِ وَبِمَآ اَرْسَلْنَا بِهٖ مُعَانَقَة ۱۳ عِنْدَ الْمُتَاَخِّرِيْن

جي باري ۾ جهيڙو ڪن ٿا. اهي ڪيڏانهن ڦيرايا وڃن ٿا ؟ ﴿۶۹﴾ (يعني) جن الله جي ڪتاب ۽ پيغمبرن کي ڏنل

رُسُلَنَا قف فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٠﴾ اِذِ الْاَغْلٰلُ فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ وَالسَّلٰسِلُ ط

اسان جي نشانين کي ڪوڙو ڪيو. پوءِ سگهوئي ڄاڻندا ﴿٧٠﴾ جڏهن سندن ڳچين ۾ ڳٽ ۽ زنجير هوندا. ڪين

يُسْحَبُوْنَ ﴿٧١﴾ فِي الْحَمِيْمِ ۵ ثُمَّ فِي النَّارِ يُسْجَرُوْنَ ﴿٧٢﴾ ثُمَّ قِيْلَ لَهُمْ

گهليو ويندو ﴿٧١﴾ ٽهڪندڙ پاڻيءَ ڏانهن، پوءِ ڪين باهه ۾ ساڙيو ويندو ﴿٧٢﴾ پوءِ ڪين چيو ويندو تہ ڪٿي آهن توهان

اَيْنَ مَا كُنْتُمْ تُشْرِكُوْنَ ﴿٧٣﴾ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ط قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا بَلْ

جا (اهي معبودَ)، جن کي توهان شريڪ ڪندا هئا ﴿٧٣﴾ الله کي ڇڏي؟ چوندا تہ اسان کان غائب ٿي ويا، بلڪ اسين

لَّمْ نَكُنْ نَّدْعُوْا مِنْ قَبْلُ شَيْـًٔا ط كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧٤﴾

هن کان اڳ ۾ ڪنهن بہ شيءِ کي ڪونہ پڪاريندا هئاسون. اهڙيءَ طرح الله ڪافرن کي گمراهہ ڪري ٿو ﴿٧٤﴾

ذٰلِكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَفْرَحُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ

توهان جو اهو (عذاب) هن ڪري آهي، جو توهان زمين ۾ بغير ڪنهن حق جي آڪڙ ڪندا هئا ۽ هن ڪري آهي، جو توهان

تَمْرَحُوْنَ ﴿٧٥﴾ ج اُدْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ج فَبِئْسَ مَثْوَى

وڏائي ڪندا هئا ﴿٧٥﴾ (هاڻي) جهنم جي دروازن کان داخل ٿيو، جتي توهان هميشہ رهندا. پوءِ وڏائي ڪندڙن لاءِ دوزخ رهڻ

الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٧٦﴾ فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ ج فَاِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ

جو ڏاڍو بڇڙو هنڌ آهي ﴿٧٦﴾ پوءِ (اي نبي ﷺ!) صبر ڪر، بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي. پوءِ يا تہ توکي ڪجهہ (عذاب)

الَّذِيْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيْنَا يُرْجَعُوْنَ ﴿٧٧﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا

ڏيکاريون، جنهن جو ساڻن وعدو ڪريون ٿا، يا توکي وفات ڏيون، تڏهن بہ ڪين اسان ڏانهن موٽايو ويندو ﴿٧٧﴾ ۽ بيشڪ اسان

رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ مِنْهُمْ مَّنْ قَصَصْنَا عَلَيْكَ وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّمْ

توکان اڳ ڪيترائي پيغمبر موڪليا، جن مان ڪن جو بيان توکي ڪري ٻڌايوسون ۽ جن مان ڪن جو بيان

نَقْصُصْ عَلَيْكَ ؕ وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ

توکي ڪري نہ ٻڌايو آهي ۽ ڪنهن پيغمبر جو هيءُ شان نہ آهي تہ الله جي اجازت کان سواءِ ڪا نشاني آڻي، پوءِ

فَاِذَا جَآءَ اَمْرُ اللّٰهِ قُضِيَ بِالْحَقِّ وَخَسِرَ هُنَالِكَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿٧٨﴾ ع ١٣

جڏهن الله جو حڪم ايندو تہ حقّ سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ اُتي باطل جا پڄاري نقصان پوڻ وارا ٿيندا ﴿٧٨﴾

اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَنْعَامَ لِتَرْكَبُوْا مِنْهَا وَمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٧٩﴾ ز

اهو الله ئي آهي، جنهن توهان لاءِ جانورن کي خلقيو، جيئن انهن مان ڪن تي سوار ٿيو ۽ انهن مان ڪن جو گوشت کائو ٿا ﴿٧٩﴾

وَلَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَلِتَبْلُغُوْا عَلَيْهَا حَاجَةً فِيْ صُدُوْرِكُمْ وَ

۽ توهان لاءِ منجهن (ٻيا بہ ڪي) فائدا آهن ۽ جيئن انهن تي چڙهي پنهنجي دلي حاجت پوري ڪريو ۽ انهن تي

عَلَيْهَا وَعَلَى الْفُلْكِ تُحْمَلُوْنَ ﴿٨٠﴾ؕ وَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ ۖ فَاَيَّ اٰيٰتِ

۽ ٻيڙين تي سواري ڪريو ٿا ﴿٨٠﴾ ۽ اهو توهان کي پنهنجيون نشانيون ڏيکاري ٿو، پوءِ توهان الله جي ڪهڙين

اللّٰهِ تُنْكِرُوْنَ ﴿٨١﴾ اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ

نشانين جو انڪار ڪندا؟ ﴿٨١﴾ ڇا زمين ۾ گهميا ڦريا نہ آهن جو ڏسن تہ جيڪي ماڻهو انهن کان اڳ ۾ هئا، انهن

عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَانُوْٓا اَكْثَرَ مِنْهُمْ وَاَشَدَّ قُوَّةً وَّ

جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ اهي هنن ماڻهن کان (مال ۽ دولت) ۾ گهڻا ۽ وڏيڪ طاقتور ۽ زمين (يعني شهرن) کي وڏيڪ

اٰثَارًا فِي الْاَرْضِ فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَلَمَّا

آباد ڪندڙ هئا. پوءِ جيڪي ڪجهہ انهن ڪيو ڪمايو، تنهن انهن کي ڪجهہ بہ نہ بچايو ﴿٨٢﴾ پوءِ جڏهن وٽن

جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَرِحُوْا بِمَا عِنْدَهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ وَ

سندن رسولن چٽيون نشانيون آنديون تہ پنهنجي علم تي خوش ٿيڻ لڳا ۽ ڪين انهن ٺٺولين گهيري

حَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۸۳﴾ فَلَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا قَالُوْٓا

ورتو، جيڪي اهي (انهن سان) ڪندا هئا ﴿۸۳﴾ پوءِ جڏهن اسان جي عذاب کي ڏٺائون، چيائون ته اڪيلي الله تي

اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗ وَكَفَرْنَا بِمَا كُنَّا بِهٖ مُشْرِكِيْنَ ﴿۸۴﴾ فَلَمْ يَكُ

ايمان آندوسون ۽ ساڻس گڏ، جن (باطل معبودن) کي شريڪ ڪندا هئاسون، انهن جو انڪار ڪيوسون ﴿۸۴﴾ پوءِ جڏهن اسان

يَنْفَعُهُمْ اِيْمَانُهُمْ لَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا ؕ سُنَّتَ اللّٰهِ الَّتِيْ قَدْ خَلَتْ

جو عذاب ڏٺائون ته ڪين سندن ايمان آڻڻ فائدو ڏيڻ وارو نه هو. اهو آهي الله جو طريقو، جيڪو سندس ٻانهن جي باري ۾

فِيْ عِبَادِهٖ ۚ وَخَسِرَ هُنَالِكَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۸۵﴾ ع

گذري چڪو آهي ۽ انهيءَ هنڌ ڪافر نقصان ۾ پئجي ويا ﴿۸۵﴾

اٰيَاتُهَا ۵۴ (۴۱) سُوْرَةُ حٰمٓ السَّجْدَةِ مَكِّيَّةٌ (۶۱) رُكُوْعَاتُهَا ۶

سوره حٰمٓ السجدة مڪي آهي. هن ۾ چوونجاهه آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عزت ۽ عظمت جو مالڪ، روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

حٰمٓ ۚ ﴿۱﴾ تَنْزِيْلٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۚ ﴿۲﴾ كِتٰبٌ فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ

حٰمٓ ﴿۱﴾ (الله هر ڪم جي تقدير مقرر ڪري ڇڏي آهي. هيءُ ڪتاب) ٻاجهاري، رحم ڪندڙ (الله) جي طرفان آهي ﴿۲﴾

قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ۙ ﴿۳﴾ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ۚ فَاَعْرَضَ

(هيءُ) هڪ (اهڙو) ڪتاب آهي، جنهن جون آيتون تفصيل سان (روشن) ڪيون ويون آهن. عربي ٻوليءَ ۾ هڪ قرآن آهي،
انهن ماڻهن جي لاءِ (هدايت) آهي، جيڪي علم رکن ٿا ﴿۳﴾ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ آهي. پوءِ انهن مان گهڻن منهن

اَكْثَرُهُمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿۴﴾ وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا فِيْٓ اَكِنَّةٍ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ

ڦيرايو، پوءِ اهي نٿا ٻڌن ﴿۴﴾ ۽ انهن چيو ته تنهنجي دعوت ڪان اسان جي دلين تي پردا آهن ۽ اسان جي ڪنن

اِلَيْهِ وَفِيْٓ اٰذَانِنَا وَقْرٌ وَّمِنْۢ بَيْنِنَا وَبَيْنِكَ حِجَابٌ فَاعْمَلْ

۾ ڳوراڻ آهي ۽ اسان جي ۽ تنهنجي وچ ۾ حجاب (يعني پردو) آهي. پوءِ تون عمل ڪر، اسين بہ عمل

اِنَّنَا عٰمِلُوْنَ ۝٥ قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ النصف

ڪندڙ آهيون ⑤ (اي پيغمبر ﷺ!) فرماءِ تہ دراصل آءٌ توهان وانگر هڪ انسان آهيان. مون ڏانهن وحي موڪليو وڃي ٿو تہ بيشڪ

اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَاسْتَقِيْمُوْٓا اِلَيْهِ وَاسْتَغْفِرُوْهُ ۭ وَوَيْلٌ لِّلْمُشْرِكِيْنَ ۝٦ ۙ

توهان جو معبود هڪ الله آهي. پوءِ ان ڏانهن ويندڙ سڌي واٽ ڪي وٺو ۽ انهيءَ کان بخشش گهرو ۽ مشرڪن لاءِ ويل آهي ⑥

الَّذِيْنَ لَا يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ۝٧ اِنَّ

(اهي مشرڪ) جيڪي زڪوٰة نٿا ڏين ۽ (پڻ) اهي آخرت جا بہ انڪاري آهن ⑦ بيشڪ جن ماڻهن ايمان

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ۝٨ ع قُلْ

آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، انهن جي لاءِ اڻ کٽ اجر آهي ⑧ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ ڇا توهان واقعي

اَىِٕنَّكُمْ لَتَكْفُرُوْنَ بِالَّذِيْ خَلَقَ الْاَرْضَ فِيْ يَوْمَيْنِ وَتَجْعَلُوْنَ

(الله) جو ڪفر ڪريو ٿا، جنهن زمين کي ٻن ڏينهن ۾ پيدا فرمايو ۽ سندس لاءِ پائيوار ٺهرايو ٿا؟ اهو

لَهٗٓ اَنْدَادًا ۭ ذٰلِكَ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٩ ۚ وَجَعَلَ فِيْهَا رَوَاسِيَ مِنْ

(الله) ئي جهانن جو پالڻهار آهي ⑨ ۽ انهيءَ ئي زمين جي مٿان جبلَ کوڙيا ۽ انهيءَ ۾ برڪتون رکي

فَوْقِهَا وَبٰرَكَ فِيْهَا وَقَدَّرَ فِيْهَآ اَقْوَاتَهَا فِيْٓ اَرْبَعَةِ اَيَّامٍ ۭ

ڇڏيائين ۽ انهيءَ ۾ چئن ڏينهن جي اندر روزيءَ جا ذريعا (۽ وسيلا) پيدا ڪري ڇڏيائين. (سيني)

سَوَاۗءً لِّلسَّاۗىِٕلِيْنَ ۝١٠ ثُمَّ اسْتَوٰٓى اِلَى السَّمَاۗءِ وَهِىَ دُخَانٌ فَقَالَ

طلب ڪندڙن لاءِ برابر آهن ⑩ پوءِ آسمانَ ڏانهن توجّہ فرمايائين ۽ اهو دونهون هو. پوءِ ان کي ۽ زمين کي

لَهَا وَلِلْاَرْضِ ائْتِيَا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا ؕ قَالَتَآ اَتَيْنَا طَآئِعِيْنَ ﴿١١﴾

چيائين تہ توهان ٻئي خوشيءَ يا ناخوشيءَ سان حاضر ٿيو. انهن ٻنهي چيو تہ خوشيءَ سان حاضر ٿياسون ﴿١١﴾

فَقَضٰهُنَّ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ فِيْ يَوْمَيْنِ وَاَوْحٰى فِيْ كُلِّ سَمَآءٍ اَمْرَهَا ؕ

پوءِ ٻن ڏينهن ۾ ست آسمانَ ٺاهيائين ۽ هر آسمان ڏانهن سندس ڪم جو حڪم موڪليائين ۽ بيشڪ دنياوي آسمان

وَزَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ ۖۗ وَحِفْظًا ؕ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ

کي ڏيئن (يعني تارن) سان سينگاريوسون ۽ (ان کي شيطانن کان) محفوظ رکيوسون. اها غالب، علم واري (الله جي)

الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ﴿١٢﴾ فَاِنْ اَعْرَضُوْا فَقُلْ اَنْذَرْتُكُمْ صٰعِقَةً مِّثْلَ

رِٿابندي آهي ﴿١٢﴾ پوءِ جيڪڏهن منهن موڙين تہ تہ پوءِ فرماءِ تہ بيشڪ مون توهان کي عاد ۽ ثمود تي آيل ڪڙڪي جي عذاب

صٰعِقَةِ عَادٍ وَّثَمُوْدَ ﴿١٣﴾ اِذْ جَآءَتْهُمُ الرُّسُلُ مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ

وانگر هڪڙي ڪڙڪي کان ڊيڄاري ڇڏيو آهي ﴿١٣﴾ جڏهن وٽن سندن اڳيان ۽ سندن پويان، سندن پيغمبر آيا تہ الله کان سواءِ

وَمِنْ خَلْفِهِمْ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ؕ قَالُوْا لَوْ شَآءَ رَبُّنَا

ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪريو. انهن چيو تہ جيڪڏهن الله گهري ها تہ فرشتن کي (رسول ڪري) موڪلي ها. پوءِ

لَاَنْزَلَ مَلٰٓئِكَةً فَاِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿١٤﴾ فَاَمَّا عَادٌ

بيشڪ جيڪو (پيغام) ڏئي توهان کي موڪليو ويو آهي، تنهن جا اسين انڪاري آهيون ﴿١٤﴾ پوءِ باقي رهي قوم عاد تہ

فَاسْتَكْبَرُوْا فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَقَالُوْا مَنْ اَشَدُّ مِنَّا

انهن زمين ۾ ناحق وڏائي ڪئي ۽ چيائون تہ اسان کان وڌيڪ طاقتور ڪير آهي ؟ ڇا انهن نہ ڏٺو تہ الله،

قُوَّةً ؕ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَهُمْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُمْ

جنهن انهن کي خلقيو آهي، اهو انهن کان وڌيڪ طاقتور آهي ۽ اهي اسان جي آيتن جو انڪار

قُوَّةً ؕ وَكَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ ﴿١٥﴾ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا صَرْصَرًا

ڪندا هئا ﴿١٥﴾ پوءِ انهن تي منحوس ڏينهن ۾ زوردار هوا جو طوفان موڪليوسون، جيئن انهن کي دنيا جي

فِيْٓ اَيَّامٍ نَّحِسَاتٍ لِّنُذِيْقَهُمْ عَذَابَ الْخِزْيِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ

زندگيءَ ۾ بہ ذليل ۽ خوار ڪندڙ عذاب (جو مزو) چکايون ۽ يقينًا آخرت جو عذاب وڌيڪ ذليل ڪندڙ آهي ۽ انهن کي

وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَخْزٰى وَهُمْ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿١٦﴾ وَاَمَّا ثَمُوْدُ

(انهيءَ ڏينهن ڪنهن بہ قسم جي ڪا بہ) مدد ڪا نہ ڏني ويندي ﴿١٦﴾ ۽ باقي رهي (قومِ) ثمود تہ انهن کي اسان سڌي

فَهَدَيْنٰهُمْ فَاسْتَحَبُّوا الْعَمٰى عَلَى الْهُدٰى فَاَخَذَتْهُمْ صٰعِقَةُ

واٽ ڏيکاري، پر انهن هدايت جي مقابلي ۾ انڌاپ کي اختيار ڪيو. پوءِ ڪين سندن ڪرتوتن جي سزا ۾ خوار ڪندڙ

الْعَذَابِ الْهُوْنِ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿١٧﴾ ج وَنَجَّيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا

ڪڙڪي واري عذاب اچي پڪڙيو ﴿١٧﴾ ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ اهي (گناهن کان بہ) بچندا هئا، اسان انهن کي نجات

يَتَّقُوْنَ ﴿١٨﴾ ع وَيَوْمَ يُحْشَرُ اَعْدَآءُ اللّٰهِ اِلَى النَّارِ فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿١٩﴾ ع ١٦

ڏني ﴿١٨﴾ ۽ (قيامت جي) ڏينهن، الله جي دشمنن کي باهہ ڏانهن هڪليو ويندو، پوءِ سندن درجه بندي ڪئي ويندي ﴿١٩﴾

حَتّٰٓى اِذَا مَا جَآءُوْهَا شَهِدَ عَلَيْهِمْ سَمْعُهُمْ وَاَبْصَارُهُمْ وَجُلُوْدُهُمْ

تانجو جڏهن دوزخ وٽ ايندا تہ سندن خلاف سندن ڪنَ ۽ سندن اکيون ۽ سندن کلون، سندن عملن جي باري ۾

بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٠﴾ وَقَالُوْا لِجُلُوْدِهِمْ لِمَ شَهِدْتُّمْ عَلَيْنَا ؕ

شاهدي ڏيندا ﴿٢٠﴾ ۽ اهي پنهنجين کلن کي چوندا تہ توهان اسان جي خلاف شاهدي ڇو ڏني؟ (سندن جسماني عضوا)

قَالُوْٓا اَنْطَقَنَا اللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْطَقَ كُلَّ شَيْءٍ وَّهُوَ خَلَقَكُمْ اَوَّلَ

چوندا تہ اسان کي الله ڳالهرايو، جنهن هر شيءِ کي ڳالهائڻ جي سگهہ ڏني آهي ۽ انهيءَ ئي توهان کي پهريون ڀيرو بہ

مَرَّةٍ وَّاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَتِرُوْنَ اَنْ يَّشْهَدَ

پيدا ڪيو ۽ ان ڏانهن ئي توهان کي موٽڻو آهي ﴿۲۱﴾ ۽ (گناهه ڪندي) توهان کي حجاب نه ٿيندو هو ته توهان جي خلاف توهان

عَلَيْكُمْ سَمْعُكُمْ وَلَآ اَبْصَارُكُمْ وَلَا جُلُوْدُكُمْ وَلٰكِنْ ظَنَنْتُمْ اَنَّ

جا ڪنَ ۽ توهان جون اکيون ۽ توهان جون کلون شاهدي ڏينديون ۽ پر توهان ڀانيو ٿي ته الله تعاليٰ توهان جا اهي گهڻا

اللّٰهَ لَا يَعْلَمُ كَثِيْرًا مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۲۲﴾ وَذٰلِكُمْ ظَنُّكُمُ الَّذِىْ ظَنَنْتُمْ

ڪم نٿو ڄاڻي، جيڪي توهان ڪريو ٿا ﴿۲۲﴾ ۽ پنهنجي ربّ جي باري ۾ اهوئي توهان جو (بڇڙو) گمان آهي،

بِرَبِّكُمْ اَرْدٰىكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۲۳﴾ فَاِنْ يَّصْبِرُوْا فَالنَّارُ

جنهن توهان کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. پوءِ توهان نقصان پوڳڻ وارن مان ٿيا ﴿۲۳﴾ پوءِ جيڪڏهن اهي صبر ڪندا ته به

مَثْوًى لَّهُمْ ۚ وَاِنْ يَّسْتَعْتِبُوْا فَمَا هُمْ مِّنَ الْمُعْتَبِيْنَ ﴿۲۴﴾ وَقَيَّضْنَا

دوزخ سندن جو ٽڪاڻو آهي ۽ جيڪڏهن توبه زاري ڪندا ته به سندن توبه قبول نه ڪئي ويندي ﴿۲۴﴾ ۽ اسان (شيطانن کي)

لَهُمْ قُرَنَآءَ فَزَيَّنُوْا لَهُمْ مَّا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَحَقَّ

سندن ساٿي مقرر ڪيو آهي. پوءِ انهن سندن لاءِ سندن اڳيان ۽ سندن پويان (بڇڙا عمل) سينگاري پيش ڪيا ۽

عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ فِىْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْجِنِّ وَ

مٿن جنن ۽ انسانن جي انهن قومن ۾ شامل ٿيڻ جو حڪم ثابت ٿيو، جيڪي انهن کان اڳ (دوزخ ۾) داخل ٿي چڪا

الْاِنْسِ ۚ اِنَّهُمْ كَانُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿۲۵﴾ ع وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَسْمَعُوْا ۳ ع ۷ ۱۶

آهن. بيشڪ اهي ئي ماڻهو نقصان پوڳڻ وارا آهن ﴿۲۵﴾ ۽ ڪافرن چيو ته هن قرآن کي نه ٻڌو ۽

لِهٰذَا الْقُرْاٰنِ وَالْغَوْا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَغْلِبُوْنَ ﴿۲۶﴾ فَلَنُذِيْقَنَّ الَّذِيْنَ

(ان جي پڙهڻ وقت) شور مچايو، مَنَ توهان غالب ٿيو ﴿۲۶﴾ پوءِ جن ڪفر ڪيو، تن کي ضرور سخت عذاب

كَفَرُوْا عَذَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّلَنَجْزِيَنَّهُمْ اَسْوَاَ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٧﴾

چڪائينداسون ۽ ضرور کين انتهائي بڇڙو بدلو ڏينداسون، انهن ڪمن جي ڪري جيڪي اهي ڪن ٿا ﴿٢٧﴾

ذٰلِكَ جَزَآءُ اَعْدَآءِ اللّٰهِ النَّارُ ۚ لَهُمْ فِيْهَا دَارُ الْخُلْدِ ؕ جَزَآءًۢ بِمَا

الله جي دشمنن جي سزا اها باهه آهي، جنهن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن. (سندن اها) سزا هن ڪري آهي، جو

كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا رَبَّنَآ اَرِنَا الَّذَيْنِ

اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا ﴿٢٨﴾ ۽ چيو انهن ماڻهن، جن ڪفر ڪيو ته ربّ اسان جا! اسان کي جنن ۽ انسانن

اَضَلّٰنَا مِنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ نَجْعَلْهُمَا تَحْتَ اَقْدَامِنَا لِيَكُوْنَا مِنَ

مان اهي ماڻهو ڏيکار، جن اسان کي گمراهه ڪيو ته کين پنهنجن پيرن جي هيٺان لتاڙيون، جيئن سڀ کان وڌيڪ

الْاَسْفَلِيْنَ ﴿٢٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا

ذليل ٿين ﴿٢٩﴾ بيشڪ جن ماڻهن چيو ته اسان جو ربّ الله آهي، پوءِ ان تي ثابت قدم رهيا،

تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَبْشِرُوْا

انهن تي فرشتا لهندا آهن، (چوندا آهن ته) خوف نه ڪريو ۽ غم نه ڪريو ۽ انهيءَ جنت جي بشارت وٺو، جنهن جو

بِالْجَنَّةِ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ﴿٣٠﴾ نَحْنُ اَوْلِيٰٓؤُكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا

توهان سان وعدو ڪيو ويندو هو ﴿٣٠﴾ اسان ئي دنيا جي زندگيءَ ۾ توهان جا ساٿي آهيون ۽ آخرت ۾ به ۽ توهان

وَفِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَشْتَهِيْٓ اَنْفُسُكُمْ وَلَكُمْ فِيْهَا مَا

لاءِ اتي اهو سڀ ڪجهه آهي، جنهن جي خواهش توهان جا نفس ڪندا ۽ توهان کي اهو سڀ ڪجهه ملندو، جيڪي توهان

تَدَّعُوْنَ ﴿٣١﴾ ؕ نُزُلًا مِّنْ غَفُوْرٍ رَّحِيْمٍ ﴿٣٢﴾ ع وَمَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا ع ٤/١٨

گهرندا ﴿٣١﴾ (اها) بخشڻهار، رحم ڪندڙ (الله) جي طرفان مهماني آهي ﴿٣٢﴾ ۽ انهيءَ شخص کان وڌيڪ ڪنهن جي ڳالهه

مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللّٰهِ وَ عَمِلَ صَالِحًا وَّ قَالَ اِنَّنِيْ مِنَ

سهڻي آهي، جيڪو الله ڏانهن سڏي ٿو ۽ پاڻ بہ صالح عمل ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ بيشڪ آءٌ مسلمانن

الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٣٣﴾ وَلَا تَسْتَوِي الْحَسَنَةُ وَلَا السَّيِّئَةُ ؕ اِدْفَعْ بِالَّتِيْ

مان آهيان ﴿٣٣﴾ ۽ ڀلائي، برائيءَ جي برابر نہ هوندي آهي. (برائيءَ کي) سهڻي نموني سان ٽاريندو ڪر.

هِيَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِيْ بَيْنَكَ وَبَيْنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِيٌّ

پوءِ تون (ڏسندين تہ) جنهن شخص سان تنهنجي دشمني آهي، اهو تنهنجو گهاٽو (گهرو ۽ دلي) دوست ٿي

حَمِيْمٌ ﴿٣٤﴾ وَمَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا ۚ وَمَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا

چڪو آهي ﴿٣٤﴾ ۽ اها (وصف) اهي ئي ماڻهو اختيار ڪندا آهن، جن صبر ڪيو ۽ ان کي وڏي نصيب وارا ئي حاصل

ذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ ﴿٣٥﴾ وَاِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ

ڪندا آهن ﴿٣٥﴾ ۽ جيڪڏهن شيطان توکي وسوسو وجهي تہ پوءِ الله جي پناهہ وٺ، بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ

بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٦﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهِ الَّيْلُ وَالنَّهَارُ

ڄاڻندڙ آهي ﴿٣٦﴾ ۽ سندس نشانين مان هڪڙي نشاني رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ (جي اچ وڃ) آهي.

وَالشَّمْسُ وَالْقَمَرُ ؕ لَا تَسْجُدُوْا لِلشَّمْسِ وَلَا لِلْقَمَرِ وَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ

نہ سج کي سجدو ڪريو ۽ نہ چنڊ کي ۽ (فقط) الله کي سجدو ڪريو ، جنهن انهن (سڀني) کي پيدا ڪيو آهي،

الَّذِيْ خَلَقَهُنَّ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿٣٧﴾ فَاِنِ اسْتَكْبَرُوْا

جيڪڏهن توهين خاص سندس ئي عبادت ڪريو ٿا ﴿٣٧﴾ پوءِ جيڪڏهن وڏائي ڪيائون تہ پوءِ بيشڪ

فَالَّذِيْنَ عِنْدَ رَبِّكَ يُسَبِّحُوْنَ لَهٗ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَهُمْ لَا

جيڪي (فرشتا) تنهنجي پالڻهار وٽ آهن، اهي ڏينهن ۽ رات سندس ئي تسبيح ڪن ٿا ۽ (الله جي عبادت)

السجدة ۱۱

يَسۡـَٔمُوۡنَ ﴿۳۸﴾ السجدة وَمِنۡ اٰيٰتِهٖۤ اَنَّكَ تَرَى الۡاَرۡضَ خَاشِعَةً فَاِذَاۤ

کان نتا ٿڪجن ﴿۳۸﴾ ۽ سندس نشانين مان (هڪڙي نشاني هيءَ) آهي ته زمين کي سُڪل (۽ ويران) ڏسين ٿو. پوءِ جڏهن

اَنۡزَلۡنَا عَلَيۡهَا الۡمَآءَ اهۡتَزَّتۡ وَرَبَتۡ ؕ اِنَّ الَّذِىۡۤ اَحۡيَاهَا لَمُحۡىِ

مٿس پاڻي لاهيندا آهيون ته سهڻي ساوڪ واري ٿي پوندي آهي. بيشڪ جنهن (الله، غير آباد) زمين کي آباد ڪيو آهي،

الۡمَوۡتٰى ؕ اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۳۹﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ يُلۡحِدُوۡنَ فِىۡۤ

اهو ئي مئن کي به زنده ڪندو. بيشڪ اهو ئي هر شيءِ تي وس وارو آهي ﴿۳۹﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو اسان جي آيتن ۾

اٰيٰتِنَا لَا يَخۡفَوۡنَ عَلَيۡنَا ؕ اَفَمَنۡ يُّلۡقٰى فِى النَّارِ خَيۡرٌ اَمۡ مَّنۡ

ڏنگائي پيدا ڪن ٿا، اهي اسان کان ڳجها نه آهن. چا پوءِ جيڪو شخص دوزخ ۾ وڌو وڃي، سو چڱو آهي، يا جيڪو قيامت

يَّاۡتِىۡۤ اٰمِنًا يَّوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ اِعۡمَلُوۡا مَا شِئۡتُمۡ ۙ اِنَّهٗ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ

جي ڏينهن بيخوف ٿي ايندو (سو چڱو آهي؟) توهان کي جيڪي ڪم وڻن اهي ڪريو. بيشڪ توهين جيڪي ڪم ڪريو ٿا،

بَصِيۡرٌ ﴿۴۰﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِالذِّكۡرِ لَمَّا جَآءَهُمۡ ۚ وَاِنَّهٗ

الله سڀ کي ڏسندڙ آهي ﴿۴۰﴾ بيشڪ جن ماڻهن پاڻ وٽ آيل اسان جي نصيحت (يعني قرآن) جو انڪار ڪيو ۽ بيشڪ اهو

لَكِتٰبٌ عَزِيۡزٌ ﴿۴۱﴾ لَّا يَاۡتِيۡهِ الۡبَاطِلُ مِنۡۢ بَيۡنِ يَدَيۡهِ وَلَا

وڏي مانَ، مرتبي وارو ڪتاب آهي (اهڙا ماڻهو اسان کان ڳجها نه آهن.) ﴿۴۱﴾ باطل نه ان جي اڳيان اچي سگهي ٿو

مِنۡ خَلۡفِهٖ ؕ تَنۡزِيۡلٌ مِّنۡ حَكِيۡمٍ حَمِيۡدٍ ﴿۴۲﴾ مَا يُقَالُ

۽ نه ان جي پويان (اچي سگهي ٿو). حڪمت واري ساراهيل (الله) جي طرفان لاٿل آهي ﴿۴۲﴾ توکي به اهو ئي

لَكَ اِلَّا مَا قَدۡ قِيۡلَ لِلرُّسُلِ مِنۡ قَبۡلِكَ ؕ اِنَّ

ڪجهه چيو وڃي ٿو، جيڪو توکان اڳين پيغمبرن کي چيو ويو آهي. بيشڪ تنهنجو پالڻهار البت بخشڻهار

رَبَّكَ لَذُوْ مَغْفِرَةٍ وَّ ذُوْ عِقَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٤٣﴾ وَلَوْ جَعَلْنٰهُ

۽ (پڻ ڏوهارين کي) ڏکوئيندڙ عذاب ڏيندڙ آهي ﴿٤٣﴾ ۽ جيڪڏهن اسان ان کي غير عربي ٻوليءَ ۾ قرآن ڪري

قُرْاٰنًا اَعْجَمِيًّا لَّقَالُوْا لَوْ لَا فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ ؕ ءَاَعْجَمِيٌّ وَّ

لاهيون ها تہ ضرور چون ها تہ ان جون آيتون چو کولي بيان نہ ڪيون ويون آهن. ڇا (قرآن) غير عربي ٻوليءَ ۾

عَرَبِيٌّ ؕ قُلْ هُوَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هُدًى وَّ شِفَآءٌ ؕ وَالَّذِيْنَ

۽ (ان جا پڙهندڙ) عرب (قوم جا ماڻهو ؟) فرماءِ تہ اهو (قرآن) هدايت ۽ شفا آهي، انهن ماڻهن جي لاءِ جن ايمان آندو آهي

لَا يُؤْمِنُوْنَ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرٌ وَّهُوَ عَلَيْهِمْ عَمًى ؕ اُولٰٓئِكَ

۽ جيڪي ماڻهو ايمان نٿا آڻين،انهن جي ڪنن ۾ ڳوراڻ آهي ۽ اهو سندن لاءِ انڌاپ جو سبب آهي. اهي ماڻهو

يُنَادَوْنَ مِنْ مَّكَانٍۢ بَعِيْدٍ ﴿٤٤﴾ ع وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى

(ائين آهن، ڄڻ تہ) ڪين ڏورانهين جاءِ تان پڪاريو وڃي ٿو ﴿٤٤﴾ ۽ بيشڪ اسان موسيٰ (عليه السلام) کي ڪتاب ڏنو، پوءِ انهيءَ

الْكِتٰبَ فَاخْتُلِفَ فِيْهِ ؕ وَلَوْ لَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ

۾اختلاف ڪيو ويو ۽ جيڪڏهن تنهنجي ربّ جي ڳالھ اڳ ۾ گذري نہ چڪي هجي ها تہ منجهن فيصلو ڪيو وڃي

لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ وَاِنَّهُمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿٤٥﴾ مَنْ عَمِلَ

ها ۽ بيشڪ اهي انهيءَ جي باري ۾ شڪ ۾ منجهي رهيا آهن ﴿٤٥﴾ جنهن چڱو ڪم ڪيو تہ پنهنجي لاءِ

صَالِحًا فَلِنَفْسِهٖ ج وَ مَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا ؕ وَ مَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ

(چڱائي) ڪيائين ۽ جنهن بڇڙو ڪم ڪيو تہ ان جو گناهہ مٿس آهي ۽ تنهنجو پالڻهار ٻانهن تي ظلم

لِّلْعَبِيْدِ ﴿٤٦﴾

ڪندڙ نہ آهي ﴿٤٦﴾

اِلَيْهِ يُرَدُّ عِلْمُ السَّاعَةِ ؕ وَمَا تَخْرُجُ مِنْ ثَمَرٰتٍ مِّنْ اَكْمَامِهَا

الله ڏانهن ئي قيامت جو علم موٽايو وڃي ٿو ۽ جيڪي ميوا مُڪڙين مان نڪرن ٿا ۽ جيڪا عورت پيٽ سان ٿئي ٿي ۽ (جيڪا

وَمَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ ؕ وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ

ٻار) ڄڻي ٿي، اهي سڀ ڳالهيون الله جي علم ۾ آهن ۽ (قيامت جي) ڏينهن کين پڪاري پڇندو ته ڪٿي آهن، منهنجا اهي

اَيْنَ شُرَكَآءِيْ ۙ قَالُوْٓا اٰذَنّٰكَ ۙ مَا مِنَّا مِنْ شَهِيْدٍ ۚ ﴿٤٧﴾ وَضَلَّ

شريڪ (جن کي توهان سڏيندا هئا؟) چوندا ته توکي عرض ڪري چڪاسون ته اسان مان ڪنهن جو ڪو به شاهد نه آهي ﴿٤٧﴾ ۽ (دنيا

عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَدْعُوْنَ مِنْ قَبْلُ وَظَنُّوْا مَا لَهُمْ مِّنْ مَّحِيْصٍ ﴿٤٨﴾

۾) ان کان اڳ جن کي پڪاريندا هئا، اهي انهن کان (رفع دفع) ٿي ويندا ۽ پڪ ڄاڻندا ته سندن لاءِ ڇوٽڪارو ممڪن نه آهي ﴿٤٨﴾

لَا يَسْئَمُ الْاِنْسَانُ مِنْ دُعَآءِ الْخَيْرِ ؗ وَاِنْ مَّسَّهُ الشَّرُّ فَيَئُوْسٌ

۽ انسان ڀلائي لاءِ دعا ڪندي نٿو ٿڪجي ۽ جيڪڏهن کيس برائي (يعني تڪليف) پهچي ٿي ته اتي جو اتي مايوس ٿي

قَنُوْطٌ ﴿٤٩﴾ وَلَئِنْ اَذَقْنٰهُ رَحْمَةً مِّنَّا مِنْۢ بَعْدِ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُ لَيَقُوْلَنَّ

ويندو آهي ﴿٤٩﴾ ۽ جيڪڏهن تڪليف پهچڻ کان پوءِ کيس پنهنجي طرفان رحمت چکائيندا آهيون ته ضرور چوندو

هٰذَا لِيْ ۙ وَمَآ اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّلَئِنْ رُّجِعْتُ اِلٰى رَبِّيْٓ اِنَّ

آهي ته اها مون لاءِ آهي ۽ نٿو ڀانيان ته قيامت قائم ٿيڻ واري آهي ۽ جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽايو

لِيْ عِنْدَهٗ لَلْحُسْنٰى ۚ فَلَنُنَبِّئَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِمَا عَمِلُوْا ؗ

به ويس، تڏهن به پڪ مون لاءِ وٽس ان کان وڌيڪ ڀلائي هوندي. پوءِ جن ڪفر ڪيو، ضرور تن کي سندن عملن جي

وَلَنُذِيْقَنَّهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ ﴿٥٠﴾ وَاِذَآ اَنْعَمْنَا عَلَى الْاِنْسَانِ

خبر ڏينداسون ۽ ضرور کين سخت عذاب چکائينداسون ﴿٥٠﴾ ۽ جڏهن اسين انسان تي انعام ڪندا آهيون ته منهن ڦيرائي

اَعْرَضَ وَنَاٰ بِجَانِبِهٖ ۚ وَاِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ فَذُوْ دُعَآءٍ عَرِيْضٍ ﴿۵۱﴾

پنيرو ٽيندو آهي ۽ جڏهن کيس برائي (يعني تڪليف) پهچندي آهي ته وڏيون ڊگهيون دعائون گهرندو آهي ﴿۵۱﴾

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كَانَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ثُمَّ كَفَرْتُمْ بِهٖ مَنْ

(اي پيغمبر ﷺ!) فرماءِ ته ڏسو! جيڪڏهن (قرآن) الله جي طرفان آهي، پوءِ توهان ان جو انڪار ڪيو ته پوءِ ان کان وڌيڪ

اَضَلُّ مِمَّنْ هُوَ فِيْ شِقَاقٍ بَعِيْدٍ ﴿۵۲﴾ سَنُرِيْهِمْ اٰيٰتِنَا فِي الْاٰفَاقِ

گمراهه ڪير ٿيندو، جيڪو ڏورانهين بدبختي ۾ آهي ﴿۵۲﴾ سگهوئي ڪين جهانن ۾ ۽ سندن نفسن ۾ به پنهنجيون نشانيون

وَفِيْٓ اَنْفُسِهِمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُ الْحَقُّ ۗ اَوَلَمْ يَكْفِ بِرَبِّكَ

ڏيکاريندا سون، تانجو مٿن پڌرو ٿي پوندو ته اهوئي حقّ آهي. ڇا تنهنجي پالڻهار (جي معبود برحقّ هجڻ) لاءِ (اها

اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿۵۳﴾ اَلَآ اِنَّهُمْ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَآءِ

ڳالهه) ڪافي نه آهي ته اهو هر شيءِ تي حاضر (۽ ناظر) آهي؟ ﴿۵۳﴾ ٻڌو! اهي (ڪافر) پنهنجي پالڻهار جي ملاقات جي

رَبِّهِمْ ۗ اَلَآ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطٌ ﴿۵۴﴾ ع

باري ۾ شڪ ۾ آهن. ٻڌو! بيشڪ اهوئي آهي، جنهن هر شيءِ کي گهيري رکيو آهي ﴿۵۴﴾

(۴۲) سُوْرَةُ الشُّوْرٰى مَكِّيَّةٌ (۶۲)

اٰيَاتُهَا ۵۳ — رُكُوْعَاتُهَا ۵

سورة الشوريٰ مڪي آهي. هن ۾ ٽيونجاهه آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عزت ۽ عظمت جو مالڪ، روزي ڏيندڙ ، رحم ڪندڙ آهي.

حٰمٓ ﴿۱﴾ عٓسٓقٓ ﴿۲﴾ كَذٰلِكَ يُوْحِيْٓ اِلَيْكَ وَاِلَى الَّذِيْنَ مِنْ

حٰمٓ مون کي پنهنجي بردباري ۽ بزرگيءَ جو قسم آهي ﴿۱﴾ عٓسٓقٓ ۽ پنهنجي علم ۽ شانِ ستاري ۽ قدرت جو قسم

قَبۡلِكَ ۙ اللّٰهُ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿٣﴾ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا

آهي ﴿٢﴾ اهڙيءَ طرح تو ڏانهن وحي موڪليو وڃي ٿو ۽ انهن (پيغمبرن) ڏانهن (بہ وحي موڪليو ويندو هو)، جيڪي تو کان اڳ هئا. الله ئي غالب، حڪمت وارو آهي ﴿٣﴾ جيڪي ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي، سڀ سندس ئي (ملڪيت) آهن ۽

فِى الۡاَرۡضِ ؕ وَهُوَ الۡعَلِىُّ الۡعَظِيۡمُ ﴿٤﴾ تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرۡنَ

اهو (الله) بلند (شان وارو ۽) عظيم (درجن وارو) آهي ﴿٤﴾ ويجهو آهي تہ (الله جي هيبت کان) آسمان سندن

مِنۡ فَوۡقِهِنَّ وَالۡمَلٰۤئِكَةُ يُسَبِّحُوۡنَ بِحَمۡدِ رَبِّهِمۡ وَيَسۡتَغۡفِرُوۡنَ

مٿان ڦاٽي، ڪِري پون ۽ فرشتا پنهنجي پالڻهار جي ساراهہ سان تسبيح ڪن ٿا ۽ زمين ۾ جيڪي (مؤمن ٻانها)

لِمَنۡ فِى الۡاَرۡضِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ﴿٥﴾ وَالَّذِيۡنَ

آهن، انهن جي لاءِ بخشش گهرن ٿا. ٻڌو! بيشڪ اهو (الله) ئي بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ﴿٥﴾ ۽ جن

اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ اللّٰهُ حَفِيۡظٌ عَلَيۡهِمۡ ۖ ز وَمَاۤ اَنۡتَ

ماڻهن ان کان سواءِ ٻيا معبود ٺهرايا آهن، انهن تي الله ئي نگهبان آهي ۽ تون انهن جو ڪارساز (۽

عَلَيۡهِمۡ بِوَكِيۡلٍ ﴿٦﴾ وَكَذٰلِكَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ قُرۡاٰنًا عَرَبِيًّا لِّتُنۡذِرَ

ذميوار) نہ آهين ﴿٦﴾ ۽ اهڙيءَ طرح تو ڏانهن عربي (ٻوليءَ ۾) قرآن وحي ڪري موڪليوسون تہ جيئن مڪي وارن

اُمَّ الۡقُرٰى وَمَنۡ حَوۡلَهَا وَتُنۡذِرَ يَوۡمَ الۡجَمۡعِ لَا رَيۡبَ فِيۡهِ ؕ

۽ پرپاسي وارن کي ڊيڄارين ۽ جيئن (ماڻهن کي) قيامت جي ڏينهن کان ڊيڄارين، جنهن ۾ شڪ نہ آهي. انهن

فَرِيۡقٌ فِى الۡجَنَّةِ وَفَرِيۡقٌ فِى السَّعِيۡرِ ﴿٧﴾ وَلَوۡ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَهُمۡ

مان هڪڙي ٽولي جنت ۾ ۽ ٻي ٽولي دوزخ ۾ آهي ﴿٧﴾ ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ انهن کي هڪڙي امت ڪري

اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنۡ يُّدۡخِلُ مَنۡ يَّشَآءُ فِىۡ رَحۡمَتِهٖ ؕ وَالظّٰلِمُوۡنَ

ها ۽ پر الله تعاليٰ پنهنجي رحمت ۾ جنهن کي گهرندو آهي، داخل ڪندو آهي ۽ ظالمن لاءِ نہ ڪو دوست

مَا لَهُمۡ مِّنۡ وَّلِىٍّ وَّلَا نَصِيۡرٍ ۞٨ اَمِ اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءَ ۚ

آهي ۽ نہ ڪو مددگار آهي ⑧ يا انھن (مشرڪن) الله کان سواءِ ڪي ٻيا معبودَ مقرر ڪيا آهن، پوءِ

فَاللّٰهُ هُوَ الۡوَلِىُّ وَهُوَ يُحۡىِ الۡمَوۡتٰى وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ۞٩

الله ئي معبود برحقّ آهي ۽ اهو ئي مُئن کي جياري ٿو ۽ اهو هر شيءِ تي وس وارو آهي ⑨

وَمَا اخۡتَلَفۡتُمۡ فِيۡهِ مِنۡ شَىۡءٍ فَحُكۡمُهٗۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبِّىۡ

جنھن بہ شيءِ ۾ توھان جو اختلاف پيدا ٿئي، ان جو حڪم الله وٽ آهي. اهوئي توھان جو الله، منھنجو پالڻھار

عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُ ۖ وَاِلَيۡهِ اُنِيۡبُ ۞١٠ فَاطِرُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ جَعَلَ

آهي. مون مٿس ڀروسو ڪيو ۽ انھيءَ ڏانھن رجوع ڪريان ٿو ⑩ (اهوئي) آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪندڙ آهي،

لَكُمۡ مِّنۡ اَنۡفُسِكُمۡ اَزۡوَاجًا وَّمِنَ الۡاَنۡعَامِ اَزۡوَاجًا ۚ يَذۡرَؤُكُمۡ

(جنھن) توھان لاءِ توھان جي جانين مان جوڙا (يعني زالون) پيدا ڪيون ۽ جانورن مان بہ جوڙا پيدا ڪيائين. اهڙيءَ

فِيۡهِ ؕ لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ شَىۡءٌ ۚ وَهُوَ السَّمِيۡعُ الۡبَصِيۡرُ ۞١١ لَهٗ مَقَالِيۡدُ

طرح توھان کي (زمين ۾) پکيڙي ٿو. انھيءَ (الله) جھڙي ڪا بہ شيءِ نہ آهي ۽ اهو ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي ⑪ آسمانن ۽

السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ۚ يَبۡسُطُ الرِّزۡقَ لِمَنۡ يَّشَآءُ وَيَقۡدِرُ ؕ اِنَّهٗ

زمين جون ڪنجيون سندس لاءِ آهن. جنھن جي گھري تہ روزي ڪشادي ڪري ٿو ۽ (جنھن جي گھري تہ روزي) تنگ

بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ۞١٢ شَرَعَ لَكُمۡ مِّنَ الدِّيۡنِ مَا وَصّٰى بِهٖ

ڪري ٿو، بيشڪ اهو ئي هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي ⑫ توھان لاءِ اهو دين مقرر ڪيائين، جنھن جي نوح (عليه السلام) کي

نُوۡحًا وَّالَّذِىۡۤ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ وَمَا وَصَّيۡنَا بِهٖۤ اِبۡرٰهِيۡمَ وَمُوۡسٰى

وصيت ڪيائين ۽ جنھن جو وحي تو ڏانھن موڪليوسون ۽ جنھن جي ابراهيم (عليه السلام) ۽ موسيٰ (عليه السلام) ۽ عيسيٰ

وَعِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَ لَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ ؕ كَبُرَ عَلَى

(عليه السلام) کي وصيت ڪئي سون تہ دين کي قائم ڪريو ۽ منجهس جدائي نہ وجهو. توهان جنهن (دين جي) دعوت ڏيو ٿا، سا

الْمُشْرِكِيْنَ مَا تَدْعُوْهُمْ اِلَيْهِ ؕ اَللّٰهُ يَجْتَبِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ

مشرڪن تي ڏاڍي ڏکي آهي. الله جنهن کي گهرندو آهي، پنهنجي لاءِ چونڊيندو آهي ۽ جيڪو انهيءَ ڏانهن

يَّشَآءُ وَيَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يُّنِيْبُ ﴿۱۳﴾ وَمَا تَفَرَّقُوْٓا اِلَّا مِنْ

رجوع ڪندو آهي، تنهن کي هدايت ڏيندو آهي ﴿۱۳﴾ ۽ جڏهن وٽن علم آيو تہ پاڻ ۾ هوڏ ۽ دشمني ڪندي (مذهبي)

بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًا بَيْنَهُمْ ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ

فرقي بازيءَ کي اختيار ڪيائون ۽ جيڪڏهن اڳي ئي مقرر مدت تائين تنهنجي پالڻهار جي طرفان (مهلت

مِنْ رَّبِّكَ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى لَّقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ

جو) حڪم نہ هجي ها تہ ضرور سندن وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي ها ۽ بيشڪ جيڪي ماڻهو انهن (پيغمبرن)کان

اُوْرِثُوا الْكِتٰبَ مِنْ بَعْدِهِمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿۱۴﴾ فَلِذٰلِكَ

پوءِ ڪتاب جا وارث ٿيا، پڪ اهي دين جي باري ۾ شڪ ۽ مونجهاري ۾ مبتلا آهن ﴿۱۴﴾ پوءِ انهيءَ (دين) ڏانهن

فَادْعُ ۚ وَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ ۚ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ ۚ وَقُلْ

دعوت ڏيندو رهہ ۽ جيئن توکي حڪم ڪيو ويو آهي، تيئن ان تي قائم رهہ ۽ سندن خواهشن جي پيروي نہ ڪر ۽

اٰمَنْتُ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنْ كِتٰبٍ ۚ وَاُمِرْتُ لِاَعْدِلَ بَيْنَكُمْ ؕ

فرماءِ تہ جيڪو ڪتاب الله نازل ڪيو آهي، مون مٿس ايمان آندو ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ توهان ۾ انصاف

اَللّٰهُ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ؕ لَنَآ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ؕ لَا حُجَّةَ

ڪريان. الله اسان جو بہ ربّ آهي ۽ توهان جو بہ ربّ آهي. اسان لاءِ اسان جا عمل ۽ توهان لاءِ توهان جا عمل آهن.

بَيۡنَنَا وَبَيۡنَكُمۡ ؕ اَللّٰهُ يَجۡمَعُ بَيۡنَنَا ۚ وَاِلَيۡهِ الۡمَصِيۡرُ ﴿١٥﴾ وَ

اسان ۽ توهان جي وچ ۾ ڪو تڪرار نہ آهي. الله ئي اسان (سڀني) کي گڏ ڪندو ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽڻو آهي ⑮ ۽

الَّذِيۡنَ يُحَآجُّوۡنَ فِى اللّٰهِ مِنۡۢ بَعۡدِ مَا اسۡتُجِيۡبَ لَهٗ حُجَّتُهُمۡ

الله (جي دين) جي باري ۾ سندس فرمان قبول ٿيڻ کان پوءِ جيڪي ماڻهو جهڳڙو ڪن ٿا، تن جو دليل

دَاحِضَةٌ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ وَعَلَيۡهِمۡ غَضَبٌ وَّلَهُمۡ عَذَابٌ شَدِيۡدٌ ﴿١٦﴾

سندن پالڻهار وٽ ڪوڙو آهي ۽ مٿن (الله تعاليٰ جو) قهر آهي ۽ سندن لاءِ سخت عذاب آهي ⑯

اَللّٰهُ الَّذِىۡۤ اَنۡزَلَ الۡكِتٰبَ بِالۡحَقِّ وَالۡمِيۡزَانَ ؕ وَمَا يُدۡرِيۡكَ

اهو الله ئي آهي، جنهن حقّ سان ڪتاب ۽ تارازو لاٿي ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ شايد قيامت

لَعَلَّ السَّاعَةَ قَرِيۡبٌ ﴿١٧﴾ يَسۡتَعۡجِلُ بِهَا الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِهَا ۚ

ويجهي هجي ⑰ جيڪي ماڻهو ايمان نٿا آڻين، اهي ئي ان جي باري جلدي ڪن ٿا ۽ جن ايمان آندو،

وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مُشۡفِقُوۡنَ مِنۡهَا ۙ وَيَعۡلَمُوۡنَ اَنَّهَا الۡحَقُّ ؕ اَلَاۤ اِنَّ

اهي ان کان ڊڄندڙ آهن ۽ ڄاڻن ٿا تہ اها (سچي) حقيقت آهي. ٻڌو! جيڪي ماڻهو قيامت جي باري ۾

الَّذِيۡنَ يُمَارُوۡنَ فِى السَّاعَةِ لَفِىۡ ضَلٰلٍۢ بَعِيۡدٍ ﴿١٨﴾ اَللّٰهُ لَطِيۡفٌۢ

جهڳڙو ڪري رهيا آهن، اهي ئي ڏورانهين گمراهيءَ ۾ آهن ⑱ الله پنهنجن ٻانهن تي مهربان آهي، جنهن

بِعِبَادِهٖ يَرۡزُقُ مَنۡ يَّشَآءُ ۚ وَهُوَ الۡقَوِىُّ الۡعَزِيۡزُ ﴿١٩﴾ مَنۡ كَانَ

کي گهري تو روزي ڏئي ٿو ۽ اهو ئي سگهارو، غالب آهي ⑲ جيڪو آخرت جي پوک گهرندو، تنهن

يُرِيۡدُ حَرۡثَ الۡاٰخِرَةِ نَزِدۡ لَهٗ فِىۡ حَرۡثِهٖ ۚ وَمَنۡ كَانَ يُرِيۡدُ حَرۡثَ

لاءِ سندس پوک کي وڌائيندا سون ۽ جيڪو دنيا جي پوک گهرندو، تنهن کي انهيءَ مان (ڪجھ ڀاڱو)

الدُّنۡيَا نُؤۡتِهٖ مِنۡهَا ۙ وَمَا لَهٗ فِى الۡاٰخِرَةِ مِنۡ نَّصِيۡبٍ ﴿٢٠﴾ اَمۡ

ڏينداسون ۽ سندس لاءِ آخرت ۾ ڪو حصو نہ آهي ﴿٢٠﴾ يا سندن ڪي شريڪ آهن، جن انهن لاءِ دين جو نئون

لَهُمۡ شُرَكٰٓؤُا شَرَعُوۡا لَهُمۡ مِّنَ الدِّيۡنِ مَا لَمۡ يَاۡذَنۡۢ بِهِ اللّٰهُ ؕ وَلَوۡ

رستو ڪڍيو آهي، جنهن جي الله تعاليٰ اجازت نہ ڏني آهي ۽ جيڪڏهن فيصلي جي لاءِ (قيامت جو

لَا كَلِمَةُ الۡفَصۡلِ لَقُضِىَ بَيۡنَهُمۡ ؕ وَاِنَّ الظّٰلِمِيۡنَ لَهُمۡ عَذَابٌ

ڏينهن) مقرر نہ هجي ها تہ ضرور سندن وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي ها ۽ بيشڪ ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب

اَلِيۡمٌ ﴿٢١﴾ تَرَى الظّٰلِمِيۡنَ مُشۡفِقِيۡنَ مِمَّا كَسَبُوۡا وَهُوَ وَاقِعٌۢ بِهِمۡ ؕ

آهي ﴿٢١﴾ (۽ قيامت جي ڏينهن) ظالمن کي پنهنجن ڪرتوتن جي ڪري خوف وچان ڏڪندي ڏسندين ۽ اهو

وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِىۡ رَوۡضٰتِ الۡجَنّٰتِ ۚ لَهُمۡ مَّا

(عذاب) مٿن اچڻ وارو آهي ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، اهي بهشت جي باغن ۾ هوندا. سندن لاءِ

يَشَآءُوۡنَ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الۡفَضۡلُ الۡكَبِيۡرُ ﴿٢٢﴾ ذٰلِكَ الَّذِىۡ

پنهنجي پالڻهار وٽ اهو سڀ ڪجهہ آهي، جيڪي اهي گهرندا. اهو ئي وڏو فضل آهي ﴿٢٢﴾ اهو ئي (فضل ۽ اجر)

يُبَشِّرُ اللّٰهُ عِبَادَهُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ قُلۡ لَّاۤ

آهي، جنهن جي الله پنهنجن انهن ٻانهن کي خوشخبري ڏئي ٿو، جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون. فرماءِ تہ

اَسۡـَٔـلُكُمۡ عَلَيۡهِ اَجۡرًا اِلَّا الۡمَوَدَّةَ فِى الۡقُرۡبٰى ؕ وَمَنۡ يَّقۡتَرِفۡ حَسَنَةً

آءٌ توهان کان انهيءَ (پيغمبريءَ جي تبليغ) تي ڪو اجر نٿو گهران، سواءِ مِٽي مائٽي جي محبّت ۽ رشتي جي ۽

نَّزِدۡ لَهٗ فِيۡهَا حُسۡنًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ شَكُوۡرٌ ﴿٢٣﴾ اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ

جيڪو نيڪي ڪمائيندو، تنهن کي نيڪيءَ ۾ وڌائينداسون. بيشڪ الله تعاليٰ بخشڻهار، قدر ڄاڻندڙ آهي ﴿٢٣﴾ يا

اَفْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ۚ فَاِنْ يَّشَاِ اللّٰهُ يَخْتِمْ عَلٰى قَلْبِكَ ؕ وَ

چون ٿا تہ هن (پيغمبر ﷺ پاڻ) الله تي ڪوڙو بهتان هنيو آهي. پوءِ جيڪڏهن الله گهري تہ تنهنجي دل تي مهر

يَمْحُ اللّٰهُ الْبَاطِلَ وَ يُحِقُّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ

هڻي ڇڏي ۽ الله باطل (يعني ڪوڙ) کي مِٽائي ٿو ۽ حقّ کي پنهنجن ڪلمات جي ذريعي سان قائم رکي ٿو. بيشڪ الله

بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٢٤﴾ وَهُوَ الَّذِيْ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ

سينن جي رازن کي بہ ڄاڻندڙ آهي ﴿٢٤﴾ اهو (الله) ئي آهي، جيڪو پنهنجن ٻانهن جي توبه قبول ڪري

وَيَعْفُوْا عَنِ السَّيِّاٰتِ وَيَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٢٥﴾ لا وَيَسْتَجِيْبُ

ٿو ۽ گناه بخشي ٿو ۽ جيڪي ڪجهہ توهان ڪريو ٿا، سو سڀ ڄاڻي ٿو ﴿٢٥﴾ ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَيَزِيْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ وَ

ڪيائون، انهن جي دعا قبول ڪندو آهي ۽ پنهنجي فضل مان انهن کي وڌائي ڏيندو آهي ۽ ڪافرن

الْكٰفِرُوْنَ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ﴿٢٦﴾ وَلَوْ بَسَطَ اللّٰهُ الرِّزْقَ لِعِبَادِهٖ

جي لاءِ سخت عذاب آهي ﴿٢٦﴾ ۽ جيڪڏهن الله پنهنجن ٻانهن جي روزي ڪشادي ڪري تہ يقينًا زمين ۾ فساد

لَبَغَوْا فِي الْاَرْضِ وَلٰكِنْ يُّنَزِّلُ بِقَدَرٍ مَّا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ بِعِبَادِهٖ

پکيڙيندا ۽ پر (الله) جيتري قدر گهري ٿو (روزي) لاهي ٿو. بيشڪ الله پنهنجن ٻانهن کان باخبر (۽

خَبِيْرٌۢ بَصِيْرٌ ﴿٢٧﴾ وَهُوَ الَّذِيْ يُنَزِّلُ الْغَيْثَ مِنْۢ بَعْدِ مَا

ڪين) ڏسندڙ آهي ﴿٢٧﴾ اهو الله ئي آهي جيڪو (ماڻهن جي) نااميد ٿيڻ کان پوءِ مِينهن وَسائي ٿو ۽

قَنَطُوْا وَيَنْشُرُ رَحْمَتَهٗ ؕ وَهُوَ الْوَلِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿٢٨﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ

پنهنجي رحمت پکيڙي ٿو ۽ اهو ئي سيني جو سائين (۽) ساراهيل آهي ﴿٢٨﴾ ۽ سندس نشانين (مان هڪڙي)

السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَمَا بَثَّ فِيۡهِمَا مِنۡ دَآبَّةٍ ؕ وَهُوَ عَلٰى جَمۡعِهِمۡ

نشاني) آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ ۽ انهن ۾ چُرندڙ پُرندڙ شين جو وجود آهي ۽ اهو (الله) جڏهن به گهري،

اِذَا يَشَآءُ قَدِيۡرٌ ﴿٢٩﴾ ع وَمَآ اَصَابَكُمۡ مِّنۡ مُّصِيۡبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتۡ

انهن کي گڏ ڪرڻ تي وس وارو آهي ﴿٢٩﴾ ۽ توهان کي جيڪا به مصيبت پهچندي آهي، اها توهان جي

اَيۡدِيۡكُمۡ وَ يَعۡفُوۡا عَنۡ كَثِيۡرٍ ؕ ﴿٣٠﴾ وَ مَآ اَنۡتُمۡ بِمُعۡجِزِيۡنَ فِي

پنهنجي ڪمايل هوندي آهي ۽ (الله تعاليٰ) توهان کي گهڻو معاف فرمائيندو آهي ﴿٣٠﴾ ۽ توهان (الله

الۡاَرۡضِ ۚۖ وَمَا لَكُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيۡرٍ ﴿٣١﴾ وَ

کي) زمين ۾ عاجز ڪندڙ نه آهيو ۽ نه وري توهان جو الله کان سواءِ ڪو والي، وارث ۽ ڪو مددگار آهي ﴿٣١﴾ ۽ سندس

مِنۡ اٰيٰتِهِ الۡجَوَارِ فِي الۡبَحۡرِ كَالۡاَعۡلَامِ ؕ ﴿٣٢﴾ اِنۡ يَّشَاۡ يُسۡكِنِ الرِّيۡحَ

نشانين مان (هڪڙي نشاني) سمنڊ ۾ جبلن جيڏن جهازن جو هلڻ آهي ﴿٣٢﴾ جيڪڏهن (الله) گهري ته هوائن کي

فَيَظۡلَلۡنَ رَوَاكِدَ عَلٰى ظَهۡرِهٖ ؕ اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ

روڪي ڇڏي. پوءِ بيڙيون پاڻيءَ جي مٿاڇري تي بيهي رهن. بيشڪ انهيءَ ۾ هر صبر (۽) شڪر ڪندڙ لاءِ

شَكُوۡرٍ ۙ ﴿٣٣﴾ اَوۡ يُوۡبِقۡهُنَّ بِمَا كَسَبُوۡا وَيَعۡفُ عَنۡ كَثِيۡرٍ ۙ ﴿٣٤﴾ وَّيَعۡلَمَ

نشانيون آهن ﴿٣٣﴾ يا ڪين سندن ڪرتوتن جي ڪري هلاڪ ڪري ۽ الله گهڻو معاف فرمائي ٿو ﴿٣٤﴾ ۽ جيڪي ماڻهو

الَّذِيۡنَ يُجَادِلُوۡنَ فِيۡۤ اٰيٰتِنَا ؕ مَا لَهُمۡ مِّنۡ مَّحِيۡصٍ ﴿٣٥﴾ فَمَآ

اسان جي آيتن ۾ جهيڙو ڪن ٿا، اهي ڄاڻن ٿا ته سندن لاءِ ڇوٽڪاري جي ڪا واٽ نه آهي ﴿٣٥﴾ پوءِ توهان کي جيڪا

اُوۡتِيۡتُمۡ مِّنۡ شَيۡءٍ فَمَتَاعُ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۚ وَمَا عِنۡدَ اللّٰهِ خَيۡرٌ وَّ

به شيءِ ڏني وئي آهي، سا دنيا جي زندگيءَ جو ٿورو سامان آهي ۽ الله وٽ جيڪي ڪجهه آهي، سو وڌيڪ چڱو ۽

اَبۡقٰى لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَلٰى رَبِّهِمۡ يَتَوَكَّلُوۡنَ ﴿٣٦﴾ۚ وَالَّذِيۡنَ يَجۡتَنِبُوۡنَ

باقي رهندڙ آهي انهن ماڻهن لاءِ، جن ايمان آندو ۽ جيڪي پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو رکن ٿا ﴿٣٦﴾ ۽ جيڪي ماڻهو

كَبٰٓئِرَ الۡاِثۡمِ وَالۡفَوَاحِشَ وَاِذَا مَا غَضِبُوۡا هُمۡ يَغۡفِرُوۡنَ ﴿٣٧﴾ۚ وَالَّذِيۡنَ

وڏن گناهن ۽ بيحيائين کان پاسو ڪن ٿا ۽ جڏهن ڪين ڪاوڙ ايندي آهي ته معاف ڪري ڇڏيندا آهن ﴿٣٧﴾ ۽ جيڪي پنهنجي

اسۡتَجَابُوۡا لِرَبِّهِمۡ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ۪ وَاَمۡرُهُمۡ شُوۡرٰى بَيۡنَهُمۡ ۪ وَمِمَّا

ربّ جي حڪم کي مڃين ٿا ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ سندن معاملا پاڻ ۾ مشوري سان هلن ٿا ۽ اسان جيڪا روزي

رَزَقۡنٰهُمۡ يُنۡفِقُوۡنَ ﴿٣٨﴾ۚ وَالَّذِيۡنَ اِذَاۤ اَصَابَهُمُ الۡبَغۡىُ هُمۡ يَنۡتَصِرُوۡنَ ﴿٣٩﴾

انهن کي ڏني آهي، تنهن مان خرچ ڪن ٿا ﴿٣٨﴾ ۽ جڏهن انهن تي ظلم ٿيندو آهي ته ان جو بدلو وٺندا آهن ﴿٣٩﴾

وَجَزٰٓؤُا سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ مِّثۡلُهَا ۚ فَمَنۡ عَفَا وَاَصۡلَحَ فَاَجۡرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ

۽ برائيءَ جي سزا اهڙي ئي برائي آهي، پوءِ جيڪو معاف ڪندو ۽ صلح ڪندو، تنهن جو اجر الله

اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿٤٠﴾ وَلَمَنِ انۡتَصَرَ بَعۡدَ ظُلۡمِهٖ فَاُولٰٓئِكَ مَا

تي آهي. بيشڪ اهو ظالمن کي پسند نٿو ڪري ﴿٤٠﴾ ۽ جيڪي پاڻ تي ظلم ٿيڻ کان پوءِ بدلو وٺندا آهن،

عَلَيۡهِمۡ مِّنۡ سَبِيۡلٍ ﴿٤١﴾ؕ اِنَّمَا السَّبِيۡلُ عَلَى الَّذِيۡنَ يَظۡلِمُوۡنَ النَّاسَ

تن تي (ڏوراپي جي) ڪا واٽ نه آهي ﴿٤١﴾ واٽ (۽ ميار ۽ مهڻو) ته انهن ماڻهن تي آهي، جيڪي ماڻهن تي

وَيَبۡغُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ بِغَيۡرِ الۡحَقِّ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿٤٢﴾

ظلم ڪندا آهن ۽ زمين ۾ بغير ڪنهن حقّ جي فساد ڪندا آهن. اهي ئي ماڻهو آهن، جن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿٤٢﴾

وَلَمَنۡ صَبَرَ وَغَفَرَ اِنَّ ذٰلِكَ لَمِنۡ عَزۡمِ الۡاُمُوۡرِ ﴿٤٣﴾ؑ وَمَنۡ يُّضۡلِلِ

۽ يقينًا جنهن صبر ڪيو ۽ بخشي ڇڏيائين ته بيشڪ اهو همت جي ڪمن مان آهي ﴿٤٣﴾ ۽ جنهن کي الله

اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنۡ وَّلِىٍّ مِّنۡۢ بَعۡدِهٖ ؕ وَتَرَى الظّٰلِمِيۡنَ لَمَّا رَاَوُا

گمراه ڪري، تنهن کي الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو هدايت ڏيڻ وارو نہ آهي ۽ ظالم جڏهن عذاب ڏسندا، تڏهن انهن

الۡعَذَابَ يَقُوۡلُوۡنَ هَلۡ اِلٰى مَرَدٍّ مِّنۡ سَبِيۡلٍ ۚ﴿۴۴﴾ وَتَرٰٮهُمۡ

کي ڏسندين تہ اهي چوندا تہ ڇا اسان جي لاءِ (دنيا ۾) واپسيءَ جو ڪو رستو آهي؟ ﴿۴۴﴾ ۽ جڏهن کين دوزخ وٽ

يُعۡرَضُوۡنَ عَلَيۡهَا خٰشِعِيۡنَ مِنَ الذُّلِّ يَنۡظُرُوۡنَ مِنۡ طَرۡفٍ

پيش ڪيو ويندو، تڏهن تون کين ڏسندين تہ اهي عاجزيءَ ۽ خواريءَ وچان ڏٺيءَ اک سان (هيڏي هوڏي)

خَفِىٍّ ؕ وَقَالَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّ الۡخٰسِرِيۡنَ الَّذِيۡنَ خَسِرُوۡۤا

نهاري رهيا آهن ۽ جن ماڻهن ايمان آندو، اهي چوندا تہ بيشڪ نقصان پوڳڻ وارا اهي ئي ماڻهو آهن، جن

اَنۡفُسَهُمۡ وَاَهۡلِيۡهِمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ الظّٰلِمِيۡنَ فِىۡ عَذَابٍ

پاڻ کي ۽ پنهنجن گهر وارن کي (اڄ) قيامت جي ڏينهن نقصان ۾ وڌو. ٻڌو! بيشڪ ظالم ئي (دائم ۽) قائم عذاب

مُّقِيۡمٍ ﴿۴۵﴾ وَمَا كَانَ لَهُمۡ مِّنۡ اَوۡلِيَآءَ يَنۡصُرُوۡنَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ

۾ رهڻ وارا آهن ﴿۴۵﴾ ۽ سندن لاءِ الله جي مقابلي ۾ ڪي بہ مددگار نہ هوندا ۽ جنهن کي الله گمراهہ ڪري تنهن

اللّٰهِ ؕ وَمَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنۡ سَبِيۡلٍ ؕ﴿۴۶﴾ اِسۡتَجِيۡبُوۡا

لاءِ ڪا واٽ نہ آهي ﴿۴۶﴾ انهيءَ ڏينهن جي اچڻ کان اڳ پنهنجي پالڻهار جي حڪم کي مڃيو، جنهن

لِرَبِّكُمۡ مِّنۡ قَبۡلِ اَنۡ يَّاۡتِىَ يَوۡمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ مَا

کي الله کان (روڪيندڙ ۽) رڏ ڪندڙ ڪو بہ نہ آهي انهيءَ ڏينهن توهان لاءِ نہ ڪا پناهہ جي جاءِ هوندي ۽ نہ

لَكُمۡ مِّنۡ مَّلۡجَاٍ يَّوۡمَئِذٍ وَّمَا لَكُمۡ مِّنۡ نَّكِيۡرٍ ﴿۴۷﴾ فَاِنۡ

ئي انڪار جي ڪا گنجائش هوندي ﴿۴۷﴾ (اي پيغمبر ﷺ!) پوءِ جيڪڏهن اهي منهن موڙين ٿا تہ اسان توکي مٿن

اَعۡرَضُوۡا فَمَاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ عَلَيۡهِمۡ حَفِيۡظًا ؕ اِنۡ عَلَيۡكَ اِلَّا

نگران ڪري نہ موڪليو آهي. تنهنجي مٿان تہ رڳو (پيغام) پهچائڻ (جي ذميواري) آهي ۽ بيشڪ جڏهن اسان

الۡبَلٰغُ ؕ وَاِنَّاۤ اِذَاۤ اَذَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ مِنَّا رَحۡمَةً فَرِحَ بِهَا ۚ وَاِنۡ

انسان کي ڪا رحمت چکائيندا آهيون تہ انهيءَ تي خوش ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن سندس اڳتي پيش ڪيل

تُصِبۡهُمۡ سَيِّئَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتۡ اَيۡدِيۡهِمۡ فَاِنَّ الۡاِنۡسَانَ كَفُوۡرٌ ﴿۴۸﴾

ڪرتوتن جي ڪري مٿن ڪا برائي (۽ مصيبت) ايندي آهي تہ پوءِ بيشڪ انسان ناشڪرو ٿي ويندو آهي ﴿۴۸﴾

لِلّٰهِ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ يَخۡلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنۡ

۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله لاءِ آهي، جيڪي گهري ٿو سو پيدا ڪري ٿو، جنهن کي گهري ٿو،

يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّيَهَبُ لِمَنۡ يَّشَآءُ الذُّكُوۡرَ ۙ ﴿۴۹﴾ اَوۡ يُزَوِّجُهُمۡ ذُكۡرَانًا

نياڻيون ڏئي ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو، پٽ ڏئي ٿو ﴿۴۹﴾ يا پٽ ۽ ڌيئرون ٻئي گڏي ڏئي ٿو ۽ جنهن کي

وَّاِنَاثًا ۚ وَيَجۡعَلُ مَنۡ يَّشَآءُ عَقِيۡمًا ؕ اِنَّهٗ عَلِيۡمٌ قَدِيۡرٌ ﴿۵۰﴾ وَمَا

گهري ٿو سَنڍ ڪري ٿو. بيشڪ اهوئي ڄاڻندڙ، قدرت رکندڙ آهي ﴿۵۰﴾ ۽ ڪنهن بني بشر لاءِ (ممڪن) نہ آهي

كَانَ لِبَشَرٍ اَنۡ يُّكَلِّمَهُ اللّٰهُ اِلَّا وَحۡيًا اَوۡ مِنۡ وَّرَآئِ حِجَابٍ اَوۡ

تہ الله تعاليٰ ڪنهن وحيءَ يا ڪنهن پردي جي پويان، يا ڪنهن فرشتي جي واسطي کان سواءِ ان سان ڳالهائي،

يُرۡسِلَ رَسُوۡلًا فَيُوۡحِيَ بِاِذۡنِهٖ مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ عَلِيٌّ حَكِيۡمٌ ﴿۵۱﴾ وَ

پوءِ پنهنجي حڪم سان، جيڪو وحيءَ چاهيندو آهي، موڪليندو آهي. بيشڪ اهو وڏي (شان وارو) آهي ﴿۵۱﴾ ۽

كَذٰلِكَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ رُوۡحًا مِّنۡ اَمۡرِنَا ؕ مَا كُنۡتَ تَدۡرِىۡ مَا الۡكِتٰبُ

اهڙيءَ طرح توڏانهن پنهنجي حڪم سان روح (يعني قرآن) کي وحيءَ جي وسيلي موڪليوسون. تون نہ ڄاڻندو هئين

وَلَا الۡاِيۡمَانُ وَلٰكِنۡ جَعَلۡنٰهُ نُوۡرًا نَّهۡدِىۡ بِهٖ مَنۡ نَّشَآءُ مِنۡ

نہ ڪتاب ڇا آهي ۽ نہ ٿي ايمان ڪي (ڄاڻندو هئين) ۽ پر اسان ان کي نور بڻايو. انهيءَ جي ذريعي پنهنجن

عِبَادِنَا ؕ وَاِنَّكَ لَتَهۡدِىۡۤ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ۙ﴿٥٢﴾ صِرَاطِ اللّٰهِ

ٻانهن مان جنهن کي گهرون ٿا، هدايت ڏيون ٿا ۽ بيشڪ تون سڌي واٽ ڏانهن رهنمائي ڪرين ٿو ﴿٥٢﴾ اها

الَّذِىۡ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ ؕ اَلَاۤ اِلَى اللّٰهِ تَصِيۡرُ

آهي الله جي سڌي واٽ. آسمانن ۽ زمين جي هر شيءِ ان جي ئي آهي. ٻڌو! سڀ ڪم الله ڏانهن

الۡاُمُوۡرُ ﴿٥٣﴾ ع

ئي موٽايا وڃن ٿا ﴿٥٣﴾

(٤٣) سُوۡرَةُ الزُّخۡرُفِ مَكِّيَّةٌ (٦٣)

اٰيَاتُهَا ٨٩ — رُكُوۡعَاتُهَا ٧

سورة الزخرف مڪي آهي. هن ۾ اٺانوي آيتون ۽ ست رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي

حٰمٓ ۚ﴿١﴾ وَالۡكِتٰبِ الۡمُبِيۡنِ ۙ﴿٢﴾ اِنَّا جَعَلۡنٰهُ قُرۡءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمۡ

حٰمٓ هر شيءِ جي تقدير مقرر آهي ﴿١﴾ (احڪامن کي روشن ڪندڙ) هن پڌري ڪتاب جو قسم آهي ﴿٢﴾ تہ بيشڪ اسان

تَعۡقِلُوۡنَ ۚ﴿٣﴾ وَاِنَّهٗ فِىۡۤ اُمِّ الۡكِتٰبِ لَدَيۡنَا لَعَلِىٌّ حَكِيۡمٌ ؕ﴿٤﴾

انهيءَ (ڪتاب) کي عربي ٻوليءَ ۾ قرآن ڪيو آهي تہ مَنَ توهان انهيءَ کي سمجهو ﴿٣﴾ ۽ بيشڪ هيءُ (قرآن) اسان وٽ
اصل ڪتاب (يعني لوح محفوظ) ۾ يقينًا سڀ کان مٿانهين شان وارو، (سڀ کان وڏيڪ فضيلت وارو) ۽ سڀ کان وڏي دانائيءَ

اَفَنَضۡرِبُ عَنۡكُمُ الذِّكۡرَ صَفۡحًا اَنۡ كُنۡتُمۡ قَوۡمًا مُّسۡرِفِيۡنَ ﴿٥﴾ وَكَمۡ

وارو آهي ﴿٤﴾ ڇا توهان کي هن ڪري نصيحت ڪرڻ ڇڏي ڏينداسون جو توهين حد کان لنگهندڙ قوم آهيو ﴿٥﴾ ۽ اسان

ع ٥ / ١٠ — ربع

اَرۡسَلۡنَا مِنۡ نَّبِىٍّ فِى الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿٦﴾ وَمَا يَاۡتِيۡهِمۡ مِّنۡ نَّبِىٍّ اِلَّا كَانُوۡا

اڳين (قومن) ۾ ڪيترا ئي پيغمبر موڪليا ﴿٦﴾ ۽ وٽن جيڪو بہ نبي اچي ٿو، ان سان رڳو ٺٺوليون ڪن ٿا ﴿٧﴾ پوءِ

بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿٧﴾ فَاَهۡلَكۡنَاۤ اَشَدَّ مِنۡهُمۡ بَطۡشًا وَّمَضٰى مَثَلُ

اسان انهن (مڪي وارن) کان وڌيڪ سگهاريون (قومون اڳ ۾) هلاڪ ڪري چڪا آهيون ۽ اڳين (قومن)

الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿٨﴾ وَلَئِنۡ سَاَلۡتَهُمۡ مَّنۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ لَيَقُوۡلُنَّ

جا مثالَ بہ گذري چڪا آهن ﴿٨﴾ ۽ (اي پيغمبر ﷺ !) جيڪڏهن انهن کان پڇندين تہ آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو
آهي ؟ تہ اهي ضرور چوندا تہ انهن کي زبردست، قوت جي مالڪ، علم رکندڙ (الله جي ذات پاڪ) پيدا فرمايو

خَلَقَهُنَّ الۡعَزِيۡزُ الۡعَلِيۡمُ ﴿٩﴾ الَّذِىۡ جَعَلَ لَكُمُ الۡاَرۡضَ مَهۡدًا وَّ

آهي ﴿٩﴾ (اهو الله ئي آهي) جنهن توهان جي لاءِ زمين کي وڇاڻو بڻايو ۽ توهان جي لاءِ انهيءَ ۾ رستا ناهيائين تہ

جَعَلَ لَكُمۡ فِيۡهَا سُبُلًا لَّعَلَّكُمۡ تَهۡتَدُوۡنَ ﴿١٠﴾ وَالَّذِىۡ نَزَّلَ مِنَ

شايد توهان هدايت جي واٽ اختيار ڪريو ﴿١٠﴾ ۽ (اهو ئي ربّ پاڪ)، جنهن آسمانَ مان اندازي سان پاڻي لاٿو،

السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ ۚ فَاَنۡشَرۡنَا بِهٖ بَلۡدَةً مَّيۡتًا ۚ كَذٰلِكَ تُخۡرَجُوۡنَ ﴿١١﴾

پوءِ اسان ان جي ذريعي ويران وسنديون آباد ڪيون. اهڙيءَ طرح توهان کي بہ (قبرن مان جيئرو ڪري) ڪيندا سون ﴿١١﴾

وَالَّذِىۡ خَلَقَ الۡاَزۡوَاجَ كُلَّهَا وَجَعَلَ لَكُمۡ مِّنَ الۡفُلۡكِ وَالۡاَنۡعَامِ مَا

۽ (اهو الله ئي آهي) جنهن هر قسم جا جوڙا پيدا ڪيا ۽ توهان جي لاءِ ٻيڙين ۽ جانورن مان ڪن کي سواريءَ جي

تَرۡكَبُوۡنَ ﴿١٢﴾ لِتَسۡتَوٗا عَلٰى ظُهُوۡرِهٖ ثُمَّ تَذۡكُرُوۡا نِعۡمَةَ رَبِّكُمۡ اِذَا

لائق ڪيائين ﴿١٢﴾ جيئن انهن جي پٺين تي سواري ڪريو. پوءِ جڏهن انهن تي چڙهي سڌا ٿي ويهو تہ پنهنجي ربّ

اسۡتَوَيۡتُمۡ عَلَيۡهِ وَتَقُوۡلُوۡا سُبۡحٰنَ الَّذِىۡ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَمَا

جي نعمت کي ياد ڪريو ۽ چئو تہ پاڪ آهي الله، جنهن اسان جي لاءِ هن کي تابع ڪيو، حالانڪ اسان انهيءَ کي

كُنَّا لَهٗ مُقۡرِنِيۡنَ ۙ﴿۱۳﴾ وَاِنَّاۤ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنۡقَلِبُوۡنَ ﴿۱۴﴾ وَجَعَلُوۡا لَهٗ مِنۡ

تابع ڪندڙ نه هئاسون ﴿١٣﴾ ۽ بيشڪ اسين پنهنجي ربّ ڏانهن موٽندڙ آهيون ﴿١٤﴾ ۽ (مشرڪن) الله لاءِ سندس ڪن ٻانهن ڪي

عِبَادِهٖ جُزۡءًا ؕ اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَـكَفُوۡرٌ مُّبِيۡنٌ ؕ﴿۱۵﴾ اَمِ اتَّخَذَ مِمَّا ع

ڀائيوار مقرر ڪيو آهي. بيشڪ انسان پڌرو ناشڪرو آهي ﴿١٥﴾ يا الله پنهنجي مخلوق مان (پنهنجي لاءِ) ڌيئرون ورتيون

يَخۡلُقُ بَنٰتٍ وَّاَصۡفٰٮكُمۡ بِالۡبَـنِيۡنَ ﴿۱۶﴾ وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمۡ بِمَا ضَرَبَ

آهن ۽ توهان کي پٽن لاءِ چونڊيو آهي؟ ﴿١٦﴾ ۽ جڏهن انهن مان ڪنهن کي نياڻي جي بشارت ڏبي آهي، جنهن جو مثال

لِلرَّحۡمٰنِ مَثَلًا ظَلَّ وَجۡهُهٗ مُسۡوَدًّا وَّهُوَ كَظِيۡمٌ ﴿۱۷﴾ اَوَمَنۡ يُّنَشَّؤُا فِى

الله لاءِ بيان ڪندو آهي ته سندس منهن ڪارو ٿي (ڪوماڄي) ويندو آهي ۽ اهو ڏک سان ڀرجي ويندو آهي ﴿١٧﴾ يا جيڪو

الۡحِلۡيَةِ وَهُوَ فِى الۡخِصَامِ غَيۡرُ مُبِيۡنٍ ﴿۱۸﴾ وَجَعَلُوا الۡمَلٰۤٮِٕكَةَ الَّذِيۡنَ

شخص ڳهڻ (۽ زيورن) ۾ پالنا وٺي ٿو ۽ جهيڙي جهٽي ۾ پڌرو ڳالهائي به نٿو سگهي ﴿١٨﴾ ۽ (مشرڪن) فرشتن کي،

هُمۡ عِبٰدُ الرَّحۡمٰنِ اِنَاثًا ؕ اَشَهِدُوۡا خَلۡقَهُمۡ ؕ سَتُكۡتَبُ

جيڪي رحمان جا ٻانها آهن، ڌيئرون قرار ڏنو. ڇا سندن پيدائش جي وقت حاضر هئا؟ سگهوئي سندن شاهدي لکي

شَهَادَتُهُمۡ وَيُسۡـَٔـلُوۡنَ ﴿۱۹﴾ وَقَالُوۡا لَوۡ شَآءَ الرَّحۡمٰنُ مَا عَبَدۡنٰهُمۡ ؕ

ويندي ۽ انهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي ويندي ﴿١٩﴾ ۽ (مشرڪن) چيو ته جيڪڏهن الله گهري ها ته اسان انهن (بتن) جي عبادت

مَا لَهُمۡ بِذٰلِكَ مِنۡ عِلۡمٍ ۗ اِنۡ هُمۡ اِلَّا يَخۡرُصُوۡنَ ؕ﴿۲۰﴾ اَمۡ اٰتَيۡنٰهُمۡ

نه ڪريون ها. وٽن انهيءَ (ڏس ۾) جو علم نه آهي. اهي رڳو اٽڪل بازي ڪن ٿا ﴿٢٠﴾ يا اسان کين هن کان اڳ

كِتٰبًا مِّنۡ قَبۡلِهٖ فَهُمۡ بِهٖ مُسۡتَمۡسِكُوۡنَ ﴿۲۱﴾ بَلۡ قَالُوۡۤا اِنَّا وَجَدۡنَاۤ

ڪتاب ڏنو آهي، پوءِ اهي ان تي مضبوطيءَ سان قائم آهن؟ ﴿٢١﴾ بلڪ چون ٿا ته اسان پنهنجن ابن ڏاڏن

اٰبَآءَنَا عَلٰۤی اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰۤی اٰثٰرِهِمۡ مُّهۡتَدُوۡنَ ﴿۲۲﴾ وَكَذٰلِكَ مَاۤ

ڪي هڪ مذهب تي لڌو ۽ بيشڪ اسان سندن رستي تي هلندڙ آهيون ﴿۲۲﴾ ۽ (اي پيغمبر ﷺ!) اهڙيءَ طرح اسان

اَرۡسَلۡنَا مِنۡ قَبۡلِكَ فِیۡ قَرۡیَةٍ مِّنۡ نَّذِیۡرٍ اِلَّا قَالَ مُتۡرَفُوۡهَاۤ ۙ اِنَّا

توکان اڳ جنهن به ڳوٺ ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ (پيغمبر) موڪليو، اتان جي خوشحال ماڻهن چيو ته بيشڪ اسان پنهنجن

وَجَدۡنَاۤ اٰبَآءَنَا عَلٰۤی اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰۤی اٰثٰرِهِمۡ مُّقۡتَدُوۡنَ ﴿۲۳﴾ قٰلَ

ابن ڏاڏن کي هڪ مذهب تي لڌو آهي ۽ بيشڪ اسين سندن ئي رستي جي پيروي ڪندڙ آهيون ﴿۲۳﴾ (انهيءَ

اَوَلَوۡ جِئۡتُكُمۡ بِاَهۡدٰی مِمَّا وَجَدۡتُّمۡ عَلَیۡهِ اٰبَآءَكُمۡ ؕ قَالُوۡۤا اِنَّا بِمَاۤ

ڊيڄاريندڙ پيغمبر) چيو ته جيتوڻيڪ توهان پنهنجن ابن ڏاڏن کي جنهن (طريقي) تي لڌو آهي، توهان وٽ ان کان به وڌيڪ هدايت (وارو
دين) آڻيان؟ (تڏهن به پنهنجن ابن ڏاڏن جي مذهب جي ئي پيروي ڪندا؟) انهن چيو ته بيشڪ اسين انهيءَ (دين اسلام) جا انڪاري

اُرۡسِلۡتُمۡ بِهٖ كٰفِرُوۡنَ ﴿۲۴﴾ فَانۡتَقَمۡنَا مِنۡهُمۡ فَانۡظُرۡ كَیۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ

آهيون، جيڪو ڏئي توهان کي موڪليو ويو آهي ﴿۲۴﴾ پوءِ اسان انهن کان بدلو ورتو، پوءِ ڏس ته ڪوڙو ڪندڙن جي پڇاڙي ڪيئن

الۡمُكَذِّبِیۡنَ ﴿۲۵﴾ ع وَاِذۡ قَالَ اِبۡرٰهِیۡمُ لِاَبِیۡهِ وَقَوۡمِهٖۤ اِنَّنِیۡ بَرَآءٌ النصف

ٿي؟ ﴿۲۵﴾ ۽ جڏهن ابراهيم (عليه السلام) پنهنجي پيءُ (آزر) ۽ پنهنجي قوم کي چيو ته جن (بتن) جي توهان عبادت ڪريو ٿا، انهن

مِّمَّا تَعۡبُدُوۡنَ ﴿۲۶﴾ ۙ اِلَّا الَّذِیۡ فَطَرَنِیۡ فَاِنَّهٗ سَیَهۡدِیۡنِ ﴿۲۷﴾ وَ

کان آءٌ بيزار آهيان ﴿۲۶﴾ مگر الله (منهنجو رب آهي)، جنهن مون کي پيدا فرمايو، پوءِ بيشڪ اهو سگهوئي مون کي هدايت

جَعَلَهَا كَلِمَةًۢ بَاقِیَةً فِیۡ عَقِبِهٖ لَعَلَّهُمۡ یَرۡجِعُوۡنَ ﴿۲۸﴾ بَلۡ

ڏيندو ﴿۲۷﴾ ۽ الله سندس اولاد ۾ توحيد جي ڪلمي کي باقي رکيو، مَنَ اهي (ڪفر کان ايمان ڏانهن) موٽن ﴿۲۸﴾ بلڪ مون هنن

مَتَّعۡتُ هٰۤؤُلَآءِ وَاٰبَآءَهُمۡ حَتّٰی جَآءَهُمُ الۡحَقُّ وَرَسُوۡلٌ مُّبِیۡنٌ ﴿۲۹﴾

(مشرڪن) کي ۽ سندن ابن ڏاڏن کي (دنيا مان) بهرو نصيب ڪيو تانجو وٽن حقّ (يعني قرآن) ۽ پڌرو پيغمبر آيو ﴿۲۹﴾

وَلَمَّا جَآءَهُمُ الۡحَقُّ قَالُوۡا هٰذَا سِحۡرٌ وَّ اِنَّا بِهٖ كٰفِرُوۡنَ ﴿٣٠﴾ وَ

۽ جڏهن وٽن حق (يعني قرآن) آيو، انهن چيو ته هيءُ ته جادو آهي ۽ بيشڪ اسين ان جا انڪاري آهيون ﴿٣٠﴾ ۽

قَالُوۡا لَوۡلَا نُزِّلَ هٰذَا الۡقُرۡاٰنُ عَلٰى رَجُلٍ مِّنَ الۡقَرۡيَتَيۡنِ عَظِيۡمٍ ﴿٣١﴾

چيائون ته هيءُ قرآن ٻن شهرن (يعني مڪي ۽ طائف) جي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ تي ڇو نه لاٿو ويو؟ ﴿٣١﴾

اَهُمۡ يَقۡسِمُوۡنَ رَحۡمَتَ رَبِّكَ ؕ نَحۡنُ قَسَمۡنَا بَيۡنَهُمۡ مَّعِيۡشَتَهُمۡ فِى

ڇا اهي تنهنجي ربّ جي رحمت (نبوت ۽ ڪرامت) ورهائين ٿا (جو جنهن کي گهرن، ڏين؟) اسان منجهن دنيا جي

الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَرَفَعۡنَا بَعۡضَهُمۡ فَوۡقَ بَعۡضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَتَّخِذَ

زندگيءَ جو گذران ورهايو ۽ هڪڙن کان ٻين جا درجا بلند ڪيا، جيئن هڪڙا ٻين کان خدمت وٺن ۽ جيڪو (مال) جمع ڪن

بَعۡضُهُمۡ بَعۡضًا سُخۡرِيًّا ؕ وَرَحۡمَتُ رَبِّكَ خَيۡرٌ مِّمَّا يَجۡمَعُوۡنَ ﴿٣٢﴾ وَلَوۡ

ٿا، تنهن کان تنهنجي ربّ جي رحمت (نبوت ۽ ڪرامت) وڌيڪ چڱي آهي (جيڪا اسين پاڻ ورهايون ٿا) ﴿٣٢﴾ ۽ جيڪڏهن

لَاۤ اَنۡ يَّكُوۡنَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً لَّجَعَلۡنَا لِمَنۡ يَّكۡفُرُ بِالرَّحۡمٰنِ

(دنيا جي محبت جي شامت سبب) ماڻهن جي (ڪفر تي) هڪ امت ٿيڻ جو خيال نه هجي ها ته يقيناً اسين جيڪي ماڻهو

لِبُيُوۡتِهِمۡ سُقُفًا مِّنۡ فِضَّةٍ وَّمَعَارِجَ عَلَيۡهَا يَظۡهَرُوۡنَ ﴿٣٣﴾ لا وَلِبُيُوۡتِهِمۡ

الله سان ڪفر ڪن ٿا، تن جي گهرن جون ڇتيون ۽ ڏاڪڻيون چانديءَ جون ڪري ڇڏيون ها ﴿٣٣﴾ ۽ (پڻ) سندن گهرن جا

اَبۡوَابًا وَّسُرُرًا عَلَيۡهَا يَتَّكِـُٔوۡنَ ﴿٣٤﴾ لا وَزُخۡرُفًا ؕ وَاِنۡ كُلُّ ذٰلِكَ

دروازا ۽ تخت جن تي ٽيڪ ڏئي ويهن ٿا ﴿٣٤﴾ (چانديءَ جون ۽ سندن گهر سهڻا ۽) سونا ڪريون ها ۽ اهو (سڀ ڪجهه جو

لَمَّا مَتَاعُ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ؕ وَالۡاٰخِرَةُ عِنۡدَ رَبِّكَ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿٣٥﴾ ع وَ

ڇيوسون رڳو) دنياوي زندگيءَ جو (ٿورو) سامان آهي ۽ تنهنجي ربّ وٽ آخرت پرهيزگارن لاءِ آهي ﴿٣٥﴾ ۽ جيڪو

مَنۡ يَّعۡشُ عَنۡ ذِكۡرِ الرَّحۡمٰنِ نُقَيِّضۡ لَهٗ شَيۡطٰنًا فَهُوَ لَهٗ

شخص رحمٰن جي ياد کان منهن موڙيندو آهي، تنهن تي شيطان کي ٻجي چڙهيندا آهيون، پوءِ اهو سندس ساٿي ٿي

قَرِيۡنٌ ﴿٣٦﴾ وَ اِنَّهُمۡ لَيَصُدُّوۡنَهُمۡ عَنِ السَّبِيۡلِ وَ يَحۡسَبُوۡنَ

ويندو آهي (۽ ان کان جدا نہ ٿيندو آهي) ﴿٣٦﴾ ۽ بيشڪ اهي (شيطانَ) انهن (ڪافرن) کي سڌيءَ واٽ کان روڪيندا

اَنَّهُمۡ مُّهۡتَدُوۡنَ ﴿٣٧﴾ حَتّٰۤى اِذَا جَآءَنَا قَالَ يٰلَيۡتَ بَيۡنِىۡ وَبَيۡنَكَ

آهن ۽ (ڪافر) ڀائيندا آهن تہ اهي سڌيءَ واٽ تي آهن ﴿٣٧﴾ ايستائين جو جڏهن (قرآن مجيد جي پيرويءَ کان منهن موڙيندڙ

ماڻهو) اسان وٽ ايندو تہ (پنهنجي ساٿي شيطان کي) چوندو تہ جيڪر منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ اوڀر ۽ اولهہ جيتري دوري

بُعۡدَ الۡمَشۡرِقَيۡنِ فَبِئۡسَ الۡقَرِيۡنُ ﴿٣٨﴾ وَ لَنۡ يَّنۡفَعَكُمُ الۡيَوۡمَ اِذۡ

هجي ها. پوءِ (تون تہ) ڏاڍو بڇڙو ساٿي آهين ﴿٣٨﴾ ۽ جڏهن توهان ظلم (۽ شرڪ) ڪيو تہ توهان کي اڄ (پڇڻ) ڪو

ظَّلَمۡتُمۡ اَنَّكُمۡ فِى الۡعَذَابِ مُشۡتَرِكُوۡنَ ﴿٣٩﴾ اَفَاَنۡتَ تُسۡمِعُ الصُّمَّ

فائدو نہ ڏيندو (۽ هيءُ) تہ اڄ توهان عذاب ۾ هڪ ٻئي سان شريڪ آهيو (۽ هر هڪ لاءِ سندس حصو آهي) ﴿٣٩﴾ ڇا پوءِ تون (اي مُحَمَّدُ ﷺ!)

ٻوڙي کي ٻڌائيندين، يا انڌي ۽ پڌري گمراهيءَ ۾ پيل شخص کي سڌي واٽ ڏيکاريندين؟ (پوءِ سندن هدايت لاءِ حد کان

اَوۡ تَهۡدِى الۡعُمۡىَ وَ مَنۡ كَانَ فِىۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ﴿٤٠﴾ فَاِمَّا

وڌيڪ ڪوشش نہ ڪر، جو توتي رڳو پيغام جو پهچائڻ آهي) ﴿٤٠﴾ پوءِ (اي مُحَمَّدُ ﷺ!) جيڪڏهن (ڪين عذاب ڏيڻ کان اڳ)

نَذۡهَبَنَّ بِكَ فَاِنَّا مِنۡهُمۡ مُّنۡتَقِمُوۡنَ ﴿٤١﴾ۙ اَوۡ نُرِيَنَّكَ الَّذِىۡ

اسين توکي (آخرت ڏانهن) گهرايون تڏهن بہ بيشڪ (تنهنجي موت کان پوءِ) انهن کان اسان بدلو وٺندڙ آهيون ﴿٤١﴾ يا توکي (تنهنجي

حياتيءَ ۾ ئي سندن اهو عذاب) ڏيکاريون، جنهن جو اسان انهن سان وعدو ڪيو آهي تہ پوءِ بيشڪ اسين انهيءَ ڳالهہ تي قدرت

وَعَدۡنٰهُمۡ فَاِنَّا عَلَيۡهِمۡ مُّقۡتَدِرُوۡنَ ﴿٤٢﴾ فَاسۡتَمۡسِكۡ بِالَّذِىۡۤ اُوۡحِىَ

رکندڙ آهيون ﴿٤٢﴾ پوءِ تو ڏانهن جيڪو وحي ڪيو ويو آهي، تنهن کي مضبوطيءَ سان پڪڙ. بيشڪ تون سڌيءَ واٽ تي

اِلَيۡكَ‌ۚ اِنَّكَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿٤٣﴾ وَاِنَّهٗ لَذِكۡرٌ لَّكَ وَلِقَوۡمِكَ‌ۚ

آهين ﴿٤٣﴾ ۽ بيشڪ اهو (قرآن) تو لاءِ ۽ تنهنجي قوم لاءِ نصيحت (۽ شرف) آهي (جو توهان جي ٻوليءَ ۾ آهي) ۽

وَسَوۡفَ تُسۡـَٔلُوۡنَ ﴿۴۴﴾ وَسۡـَٔلۡ مَنۡ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ قَبۡلِكَ مِنۡ رُّسُلِنَاۤ

سگهو ٿي توهان کان (ان نعمت جي شڪر جي باري ۾) پڇيو ويندو ﴿۴۴﴾ ۽ جن (امتن) ڏانهن اسان تو کان اڳ رسولَ موڪليا، تن کان پڇ (يا بيت المقدس ۾ معراج جي رات پنهنجي شان جي باري ۾ پڇ) ته ڇا اسان الله کان سواءِ ٻيا معبود مقرر ڪيا آهن جن جي

اَجَعَلۡنَا مِنۡ دُوۡنِ الرَّحۡمٰنِ اٰلِهَةً يُّعۡبَدُوۡنَ ﴿۴۵﴾ ع وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا

عبادت ڪئي وڃي (يا ڪا ملت يا ڪو ڪتاب يا ڪو فرمان لاٿو آهي؟) ﴿۴۵﴾ ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي فرعون ۽ سندس سردارن

مُوۡسٰى بِاٰيٰتِنَاۤ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَقَالَ اِنِّىۡ رَسُوۡلُ رَبِّ

ڏانهن پنهنجا معجزا (۽ نشانيون ۽ دليل) ڏئي موڪليو. پوءِ (فرعونين کي) چيائين ته بيشڪ آءٌ جهانن جي ربّ جي طرفان

الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۴۶﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمۡ بِاٰيٰتِنَاۤ اِذَا هُمۡ مِّنۡهَا يَضۡحَكُوۡنَ ﴿۴۷﴾

توهان وٽ پيغمبر ٿي آيو آهيان ﴿۴۶﴾ پوءِ جڏهن وٽن اسان جون نشانيون آندائين ته انهيءَ وقت اهي انهن تي کلڻ لڳا ﴿۴۷﴾

وَمَا نُرِيۡهِمۡ مِّنۡ اٰيَةٍ اِلَّا هِىَ اَكۡبَرُ مِنۡ اُخۡتِهَا ز وَاَخَذۡنٰهُمۡ

۽ ڪين جيڪا به نشاني ڏيکاري سون، سا اڳئين نشانيءَ کان وڏي هئي (يعني سڀئي نشانيون وڏيون هيون) ۽ ڪين

بِالۡعَذَابِ لَعَلَّهُمۡ يَرۡجِعُوۡنَ ﴿۴۸﴾ وَقَالُوۡا يٰۤاَيُّهَ السّٰحِرُ ادۡعُ لَنَا

(ڏڪار، مڪڙ ۽ ٻين) عذابن ۾ پڪڙيوسون ته مَنَ اهي (ڪفر ۽ زيادتي ۽ ظلم کان) موٽن ﴿۴۸﴾ ۽ چيائون ته اي (عالم ڪامل! جنهن کي اڳ ۾) جادوگر (ڪوٺيو هوسون). اسان جي حقّ ۾ پنهنجي ربّ سان ڪيل پنهنجي عهد جي آڌار

رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ عِنۡدَكَ ج اِنَّنَا لَمُهۡتَدُوۡنَ ﴿۴۹﴾ فَلَمَّا كَشَفۡنَا

تي دعا گهر، بيشڪ اسان هدايت جي واٽ وٺڻ وارا آهيون ﴿۴۹﴾ پوءِ جڏهن انهن تان عذاب کي هٽائيندا هئاسون ته

عَنۡهُمُ الۡعَذَابَ اِذَا هُمۡ يَنۡكُثُوۡنَ ﴿۵۰﴾ وَنَادٰى فِرۡعَوۡنُ فِىۡ قَوۡمِهٖ

اتي جو اتي عهد جي ڀڃڪڙي ڪندا هئا ﴿۵۰﴾ ۽ فرعون پنهنجي قوم ۾ (فخر وچان) اعلان ڪيو ته اي منهنجي قوم! ڇا

قَالَ يٰقَوۡمِ اَلَيۡسَ لِىۡ مُلۡكُ مِصۡرَ وَهٰذِهِ الۡاَنۡهٰرُ تَجۡرِىۡ مِنۡ

هيءُ ملڪ مصر منهنجو نه آهي؟ ۽ هي واهه منهنجي (محلات جي) هيٺان (منهنجي فرمان سان) وهن ٿا، ڇا پوءِ

تَحۡتِيۡ ۚ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ ؕ﴿۵۱﴾ اَمۡ اَنَا خَيۡرٌ مِّنۡ هٰذَا الَّذِيۡ هُوَ

(منهنجي عظمت کي) نٿا ڏسو؟ ﴿۵۱﴾ يا (ڏسو نٿا ته) آءٌ هن (موسيٰ عليه السلام) کان وڌيڪ چڱو آهيان، جيڪو حقير ۽ هيٺو آهي ۽

مَهِيۡنٌ ۙ۬ وَّلَا يَكَادُ يُبِيۡنُ ﴿۵۲﴾ فَلَوۡلَاۤ اُلۡقِيَ عَلَيۡهِ اَسۡوِرَةٌ مِّنۡ

چٽو ڳالهائي به نٿو سگهي؟ ﴿۵۲﴾ پوءِ مٿس سونا ڪنگڻ ڇو نٿا لاٿا وڃن (جيڪا بادشاهيءَ جي نشاني آهي)، يا ساڻس

ذَهَبٍ اَوۡ جَآءَ مَعَهُ الۡمَلٰٓئِكَةُ مُقۡتَرِنِيۡنَ ﴿۵۳﴾ فَاسۡتَخَفَّ قَوۡمَهٗ

گڏجي لاڳيتا فرشتا ڇو نٿا اچن؟ (جيڪي سندس تصديق ڪن) ﴿۵۳﴾ (اهڙيءَ طرح) پنهنجي قوم کي بيوقوف بڻايائين. پوءِ

فَاَطَاعُوۡهُ ؕ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا قَوۡمًا فٰسِقِيۡنَ ﴿۵۴﴾ فَلَمَّاۤ اٰسَفُوۡنَا انۡتَقَمۡنَا

انهن سندس فرمانبرداري ڪئي. بيشڪ اها ڏوهاري قوم هئي ﴿۵۴﴾ پوءِ جڏهن اسان کي ڪاوڙ ڏياريائون ته انهن کان بدلو

منزل ٦ ع ١١ مِنۡهُمۡ فَاَغۡرَقۡنٰهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ۙ﴿۵۵﴾ فَجَعَلۡنٰهُمۡ سَلَفًا وَّمَثَلًا لِّلۡاٰخِرِيۡنَ ﴿۵۶﴾ ع

ورتوسون. پوءِ سڀني کي غرق ڪري ڇڏيوسون ﴿۵۵﴾ پوءِ ڪين (ڪافرن جو) اڳواڻ ۽ پوين لاءِ عبرت ۽ مثال بڻايوسون ﴿۵۶﴾

وَلَمَّا ضُرِبَ ابۡنُ مَرۡيَمَ مَثَلًا اِذَا قَوۡمُكَ مِنۡهُ يَصِدُّوۡنَ ﴿۵۷﴾ وَ

۽ جڏهن مريم جي پٽ عيسيٰ جو مثال بيان ڪيو ويندو آهي ته ان وقت تنهنجي قوم ان تي شور مچائيندي آهي ﴿۵۷﴾ ۽

قَالُوۡۤا ءَاٰلِهَتُنَا خَيۡرٌ اَمۡ هُوَ ؕ مَا ضَرَبُوۡهُ لَكَ اِلَّا جَدَلًا ؕ بَلۡ

چوندا آهن ته ڇا اسان جا معبود چڱا يا اهو (عيسيٰ چڱو)؟ اهو مثال توسان رڳو جهيڙي لاءِ بيان ڪندا آهن، بلڪ اها قوم

هُمۡ قَوۡمٌ خَصِمُوۡنَ ﴿۵۸﴾ اِنۡ هُوَ اِلَّا عَبۡدٌ اَنۡعَمۡنَا عَلَيۡهِ وَجَعَلۡنٰهُ

(باطل جي ذريعي) جهيڙو ڪندڙ آهي ﴿۵۸﴾ اهو (عيسيٰ عليه السلام) ته اسان جو ٻانهو هو، جنهن تي انعام ڪيوسون ۽ ڪيس

مَثَلًا لِّبَنِيۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ؕ﴿۵۹﴾ وَلَوۡ نَشَآءُ لَجَعَلۡنَا مِنۡكُمۡ مَّلٰٓئِكَةً فِي

بني اسرائيل لاءِ نمونو بڻايوسون ﴿۵۹﴾ ۽ جيڪڏهن گهرون ته يقينًا توهان (جي نسل) مان فرشتا پيدا ڪريون ها، جيڪي

الۡاَرۡضِ يَخۡلُفُوۡنَ ﴿٦٠﴾ وَ اِنَّهٗ لَعِلۡمٌ لِّلسَّاعَةِ فَلَا تَمۡتَرُنَّ بِهَا

(توهان جي هلاڪت کان پوءِ توهان جاءِ تي) زمين ۾ جانشين ٿين ها ﴿٦٠﴾ ۽ بيشڪ اهو (عيسيٰ عليه السلام) قيامت جي هڪڙي

وَ اتَّبِعُوۡنِ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسۡتَقِيۡمٌ ﴿٦١﴾ وَ لَا يَصُدَّنَّكُمُ الشَّيۡطٰنُ ۚ اِنَّهٗ

نشاني آهي، پوءِ قيامت جي باري ۾ هرگز شڪ نہ ڪريو ۽ منهنجي پيروي ڪريو. اهوئي سڌو رستو آهي ﴿٦١﴾ ۽ شيطان

لَكُمۡ عَدُوٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿٦٢﴾ وَ لَمَّا جَآءَ عِيۡسٰى بِالۡبَيِّنٰتِ قَالَ قَدۡ جِئۡتُكُمۡ

توهان کي هرگز (اسلام کان) نہ روڪي. بيشڪ اهو توهان جو پڌرو دشمن آهي ﴿٦٢﴾ ۽ جڏهن عيسيٰ (بني اسرائيل وٽ)

بِالۡحِكۡمَةِ وَ لِاُبَيِّنَ لَكُمۡ بَعۡضَ الَّذِىۡ تَخۡتَلِفُوۡنَ فِيۡهِ ۚ فَاتَّقُوا

روشن نشانيون آنديون، چيائين تہ بيشڪ مون توهان وٽ حڪمت (۽ نبوت ۽ انجيل واري شريعت) آندي آهي ۽ جيئن

اللّٰهَ وَ اَطِيۡعُوۡنِ ﴿٦٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ رَبِّىۡ وَ رَبُّكُمۡ فَاعۡبُدُوۡهُ ؕ هٰذَا

توهان لاءِ (توريت جا) بعض (حڪم) روشن ڪريان، جن ۾ اختلاف ڪريو ٿا. پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي پيروي ڪريو ﴿٦٣﴾

صِرَاطٌ مُّسۡتَقِيۡمٌ ﴿٦٤﴾ فَاخۡتَلَفَ الۡاَحۡزَابُ مِنۡۢ بَيۡنِهِمۡ ۚ فَوَيۡلٌ لِّلَّذِيۡنَ

بيشڪ الله ئي منهنجو بہ ربّ آهي ۽ توهان جو بہ ربّ آهي، پوءِ سندس ئي عبادت ڪريو. اها ئي سڌي واٽ آهي ﴿٦٤﴾ پوءِ

ظَلَمُوۡا مِنۡ عَذَابِ يَوۡمٍ اَلِيۡمٍ ﴿٦٥﴾ هَلۡ يَنۡظُرُوۡنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنۡ

انهن مان (مختلف) ٽولين اختلاف ڪيو، پوءِ جن ماڻهن ظلم ڪيو، تن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب واري ڏينهن خرابي آهي ﴿٦٥﴾ رڳو

تَاۡتِيَهُمۡ بَغۡتَةً وَّ هُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿٦٦﴾ اَلۡاَخِلَّآءُ يَوۡمَئِذٍۢ بَعۡضُهُمۡ

اوچتو قيامت جي اچڻ جو انتظار ڪن ٿا ۽ انهن کي ڪا خبر بہ نہ پوندي ﴿٦٦﴾ انهيءَ ڏينهن (خراب صحبت کان) پرهيز

لِبَعۡضٍ عَدُوٌّ اِلَّا الۡمُتَّقِيۡنَ ﴿٦٧﴾ ع يٰعِبَادِ لَا خَوۡفٌ عَلَيۡكُمُ الۡيَوۡمَ وَ لَاۤ

ڪندڙن کان سواءِ سڀ دوست هڪ ٻئي جا دشمن هوندا ﴿٦٧﴾ اي منهنجا ٻانهو! اڄ توهان تي ڪو خوف نہ آهي

اَنۡتُمۡ تَحۡزَنُوۡنَ ۚ﴿۶۸﴾ اَلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَ كَانُوۡا مُسۡلِمِيۡنَ ﴿۶۹﴾ ۚ

۽ نہ توھان غمگين ٿيندا ﴿۶۸﴾ جن ماڻھن اسان جي آيتن تي ايمان آندو ۽ اھي فرمانبردار آھن ﴿۶۹﴾

اُدۡخُلُوا الۡجَنَّةَ اَنۡتُمۡ وَ اَزۡوَاجُكُمۡ تُحۡبَرُوۡنَ ﴿۷۰﴾ يُطَافُ عَلَيۡهِمۡ

توھان ۽ توھان جون زالون جنت ۾ داخل ٿيو ۽ توھان کي خوش (۽ عزت سان) رکيو ويندو ﴿۷۰﴾ مٿن (ڪاڏي جون)

بِصِحَافٍ مِّنۡ ذَهَبٍ وَّ اَكۡوَابٍ ۚ وَ فِيۡهَا مَا تَشۡتَهِيۡهِ الۡاَنۡفُسُ وَ

سونيون ٿالھيون ۽ (پريل) پيالا گھمايا ويندا ۽ (ڪين ھر اھا شيءِ ڏني ويندي)، جنھن جي سندن نفس خواھش

تَلَذُّ الۡاَعۡيُنُ ۚ وَ اَنۡتُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ۚ﴿۷۱﴾ وَ تِلۡكَ الۡجَنَّةُ الَّتِيۡۤ

ڪندا ۽ (جن سان) اکيون لذت وٺنديون ۽ توھان انھيءَ ۾ ھميشه رھندڙ آھيو ﴿۷۱﴾ اھا ئي اھا جنت آھي، جنھن جا

اُوۡرِثۡتُمُوۡهَا بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۷۲﴾ لَكُمۡ فِيۡهَا فَاكِهَةٌ كَثِيۡرَةٌ مِّنۡهَا

توھان (دنيا ۾ ڪيل) پنھنجن عملن جي ڪري وارث ٿيا آھيو ﴿۷۲﴾ انھيءَ ۾ توھان لاءِ گھڻا ئي ڦل فروٽ آھن،

تَاۡكُلُوۡنَ ﴿۷۳﴾ اِنَّ الۡمُجۡرِمِيۡنَ فِيۡ عَذَابِ جَهَنَّمَ خٰلِدُوۡنَ ۚ﴿۷۴﴾ ۖ لَا يُفَتَّرُ

جيڪي توھان کائيندا رھندا ﴿۷۳﴾ بيشڪ ڏوھاري جھنم جي عذاب ۾ سدائين رھڻ وارا آھن ﴿۷۴﴾ انھن تان

عَنۡهُمۡ وَ هُمۡ فِيۡهِ مُبۡلِسُوۡنَ ۚ﴿۷۵﴾ وَ مَا ظَلَمۡنٰهُمۡ وَ لٰكِنۡ كَانُوۡا هُمُ

عذاب ھلڪو نہ ڪيو ويندو ۽ اھي منجھس نااميد ٿي رھندا ﴿۷۵﴾ ۽ مٿن اسان ظلم نہ ڪيو، پر پاڻ ئي پاڻ

الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۷۶﴾ وَ نَادَوۡا يٰمٰلِكُ لِيَقۡضِ عَلَيۡنَا رَبُّكَ ؕ قَالَ اِنَّكُمۡ

ظلم ڪندا ھئا ﴿۷۶﴾ ۽ (دوزخي دوزخ جي داروغي کي) پڪاري چوندا تہ اي مالڪ! جيڪر تنھنجو ربّ اسان کي

مّٰكِثُوۡنَ ﴿۷۷﴾ لَقَدۡ جِئۡنٰكُمۡ بِالۡحَقِّ وَ لٰكِنَّ اَكۡثَرَكُمۡ لِلۡحَقِّ كٰرِهُوۡنَ ﴿۷۸﴾

ماري ڇڏي. (دوزخ جو داروغو ڪين ھزار سالن کان پوءِ) چوندو تہ توھان سدائين (انھيءَ عذاب ۾) رھندڙ آھيو ﴿۷۷﴾
بيشڪ توھان وٽ (پيغمبرن سڳورن جي زباني) حقّ آندوسون ۽ پر توھان مان گھڻا حق کان نفرت ڪرڻ وارا ھئا ﴿۷۸﴾

اَمْ اَبْرَمُوْٓا اَمْرًا فَاِنَّا مُبْرِمُوْنَ ﴿٧٩﴾ ۚ اَمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّا لَا نَسْمَعُ

يا (مڪي جي مشرڪن حضرت محمد ﷺ جن جي خلاف) ڪنهن ڪم جي رٿ رٿي آهي؟ پوءِ بيشڪ اسين به (انهن کان بدلو وٺڻ لاءِ) رٿ
رٿڻ وارا آهيون ﴿٧٩﴾ يا اهي ڀانئين ٿا ته اسان انهن جون ڳجهيون ڳالهيون ۽ انهن جا راز نٿا ٻڌون؟ هائو! (سڀ ٻڌون ٿا ۽ ڄاڻون ٿا) ۽ وٽن

سِرَّهُمْ وَ نَجْوٰىهُمْ ؕ بَلٰى وَرُسُلُنَا لَدَيْهِمْ يَكْتُبُوْنَ ﴿٨٠﴾ قُلْ اِنْ

اسان جا مقرر ڪيل (فرشتا ڪراماً ڪاتبين سڀ ڪجهه) لکي رهيا آهن ﴿٨٠﴾ (اي پيغمبر ﷺ!) فرماءِ ته (فرض ڪريو ته) جيڪڏهن

كَانَ لِلرَّحْمٰنِ وَلَدٌ ۖۗ فَاَنَا اَوَّلُ الْعٰبِدِيْنَ ﴿٨١﴾ سُبْحٰنَ رَبِّ السَّمٰوٰتِ

الله جو ڪو پُٽ هجي ها ته (آءٌ ئي هجان ها، ڇاڪاڻ ته) آءٌ ئي سڀ کان اوّل عبادت ڪندڙ آهيان ﴿٨١﴾ اهي (مشرڪ) جيڪي ٺاهه

وَالْاَرْضِ رَبِّ الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَذَرْهُمْ يَخُوْضُوْا وَ يَلْعَبُوْا

ٺاهين ٿا، تن کان آسمانن ۽ زمين جو ربّ، عرش ء جو ربّ پاڪ آهي ﴿٨٢﴾ پوءِ کين ڇڏي ڏي ته (ڪوڙن ٺاهن ۾) مشغول رهن ۽

حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِىْ يُوْعَدُوْنَ ﴿٨٣﴾ وَهُوَ الَّذِىْ فِى

راند روند ڪن، تانجو پنهنجي (عذاب جو) ڏينهن ڏسن جنهن جو ساڻن وعدو ڪجي ٿو ﴿٨٣﴾ ۽ اهو (الله) آسمانن ۾ به معبود آهي

السَّمَآءِ اِلٰهٌ وَّفِى الْاَرْضِ اِلٰهٌ ؕ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ ﴿٨٤﴾ وَتَبٰرَكَ

۽ زمين ۾ به معبود آهي ۽ اهو ئي حڪمت وارو (۽ اهو ئي) علم وارو آهي ﴿٨٤﴾ ۽ برڪت وارو آهي (الله)، جنهن لاءِ آسمانن ۽

الَّذِىْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۚ وَعِنْدَهٗ عِلْمُ

زمين ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، سڀ جي بادشاهي آهي ۽ قيامت جو علم به وٽس ئي آهي (ته ڪڏهن ايندي) ۽ ان ڏانهن

السَّاعَةِ ۚ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٨٥﴾ وَلَا يَمْلِكُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ

ئي توهان کي موٽايو ويندو ﴿٨٥﴾ ۽ (مشرڪ) الله کان سواءِ جن (بتن) کي پڪارين ٿا، اهي شفاعت جو اختيار نٿا رکن، مگر جيڪو

مِنْ دُوْنِهِ الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنْ شَهِدَ بِالْحَقِّ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٨٦﴾ وَ

حقّ (۽ توحيد) جي گواهي ڏي ۽ (اهي هيءَ حقيقت) به ڄاڻن ٿا (ته اهي گواهي ڏيندا) ﴿٨٦﴾ ۽ جيڪڏهن انهن کان پڇندين ته

لَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿۸۷﴾ وَقِيْلِهٖ

ڪين ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ ضرور چوندا ته الله! پوءِ ڪيڏانهن ٿا ڦيرائجن؟ (۸۷) ۽ ان (يعني حضرت محمد ﷺ جو) فرمان آهي

يٰرَبِّ اِنَّ هٰۤؤُلَآءِ قَوْمٌ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۸۸﴾ فَاصْفَحْ عَنْهُمْ وَقُلْ سَلٰمٌ ط

ته ربّ منهنجا! بيشڪ منهنجي هيءَ قوم ايمان نٿي آڻي (۸۸) پوءِ انهن کان منهن موڙ ۽ (اهڙي ڳالهه) فرماءِ، جيڪا (سندن

فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿۸۹﴾ ع

برائي کان) سلامتيءَ جو سبب ٿئي. پوءِ سگهوئي ڄاڻندا (ته انهن تو سان ۽ پاڻ سان ڇا ڪيو؟) (۸۹)

اٰيَاتُهَا ۵۹ (۴۴) سُوْرَةُ الدُّخَانِ مَكِّيَّةٌ (۶۴) رُكُوْعَاتُهَا ۳

سورة الدخان مڪي آهي. هن ۾ ۵۹ آيتون ۽ ۳ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عزت ۽ عظمت جو مالڪ، روزي ڏيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

حٰمٓ ﴿۱﴾ وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿۲﴾ اِنَّاۤ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةٍ مُّبٰرَكَةٍ اِنَّا

حٰمٓ (ڪائنات جي سيني شين جي تقدير مقرر آهي) (۱) (احڪامن کي) روشن ڪندڙ ڪتاب جو قسم! (۲) بيشڪ اسان هن (قرآن)
کي (شب قدر يا پندرهين شعبان) جي مبارڪ رات ۾ لاٿو، بيشڪ اسين (هن ڪتاب ذريعي ٻانهن کي عذاب کان) ڊيڄاريندڙ

كُنَّا مُنْذِرِيْنَ ﴿۳﴾ فِيْهَا يُفْرَقُ كُلُّ اَمْرٍ حَكِيْمٍ ﴿۴﴾ اَمْرًا مِّنْ

آهيون (۳) انهيءَ (رات ۾ لوح محفوظ مان) هر حڪمت وارو فيصلو جدا ڪيو وڃي ٿو (۴) (اي مُحَمَّد ﷺ!) بيشڪ اسين ٿي

عِنْدِنَا ط اِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ﴿۵﴾ رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ط اِنَّهٗ هُوَ

(مخلوق ڏانهن حڪم) موڪليندڙ آهيون (۵) (اها) تنهنجي ربّ جي رحمت آهي. بيشڪ اهو (الله) ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ

السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۶﴾ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا م

آهي (۶) اهوئي آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، سڀ جو ربّ آهي، جيڪڏهن توهين يقين

وقف لازم

ع ۱۴ (۱۳)

عند المتقدمين

اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّوۡقِنِيۡنَ ۞٧ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحۡىٖ وَيُمِيۡتُ ؕ رَبُّكُمۡ وَ

رکندڙ آھيو (تہ اللہ تعاليٰ توھان جو ربّ آھي تہ پوءِ حضرت محمد ﷺ کي سندس پيغمبر مڃو) ⑦ ان کان سواءِ ڪو معبود
نہ آھي. (اھو ئي مخلوق کي) جياري ٿو ۽ (اھو ئي مخلوق کي) ماري ٿو. توھان جو بہ ربّ آھي ۽ توھان جي اڳين ابن

رَبُّ اٰبَآئِكُمُ الۡاَوَّلِيۡنَ ۞٨ بَلۡ هُمۡ فِىۡ شَكٍّ يَّلۡعَبُوۡنَ ۞٩ فَارۡتَقِبۡ

ڏاڏن جو بہ ربّ آھي ⑧ بلڪ اھي (مڪي جا ڪافر قرآن ۽ قيامت بابت) شڪ ۾ آھن (۽) ٺٺوليون ڪن ٿا ⑨ پوءِ انھيءَ

يَوۡمَ تَاۡتِى السَّمَآءُ بِدُخَانٍ مُّبِيۡنٍ ۞١٠ ۙ يَّغۡشَى النَّاسَ ؕ هٰذَا

ڏينھن جو انتظار ڪر (جڏھن) آسمان تي پڌرو دونھون ظاھر ٿيندو ⑩ ماڻھن کي ورڪوڙي وٺندو (۽ چيو ويندو تہ)

عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ۞١١ رَبَّنَا اكۡشِفۡ عَنَّا الۡعَذَابَ اِنَّا مُؤۡمِنُوۡنَ ۞١٢

اھو ئي ڏکوئيندڙ عذاب آھي ⑪ (ڪافر چوندا تہ) ربّ اسان جا! اسان تان عذاب کي ھٽاءِ، بيشڪ اسين ايمان آڻيندڙ

اَنّٰى لَهُمُ الذِّكۡرٰى وَقَدۡ جَآءَهُمۡ رَسُوۡلٌ مُّبِيۡنٌ ۞١٣ ۙ ثُمَّ تَوَلَّوۡا

آھيون ⑫ (ھاڻي) ڪٿان کين نصيحت ملندي؟ ۽ (اڳ ۾) وٽن (دليلن ۽ احڪامن کي) روشن ڪندڙ رسول اچي چڪو ھو

عَنۡهُ وَقَالُوۡا مُعَلَّمٌ مَّجۡنُوۡنٌ ۞١٤ ۘ اِنَّا كَاشِفُوا الۡعَذَابِ قَلِيۡلًا

⑬ پوءِ ان کان منھن موڙيائون ۽ چيائون تہ (ھيءُ تہ) سيکاريل ڪو چريو آھي ⑭ بيشڪ اسين ڪجھ وقت لاءِ عذاب

وقف لازم

اِنَّكُمۡ عَآئِدُوۡنَ ۞١٥ ۘ يَوۡمَ نَبۡطِشُ الۡبَطۡشَةَ الۡكُبۡرٰى ۚ اِنَّا

وقف لازم

ٽاريندڙ آھيون (پر عذاب ھٽايوسون تہ) بيشڪ توھان موٽندڙ آھيو ⑮ (ياد ڪر جڏھن قيامت ۾ يا بدر جي) ڏينھن (کين)

مُنۡتَقِمُوۡنَ ۞١٦ وَلَقَدۡ فَتَنَّا قَبۡلَهُمۡ قَوۡمَ فِرۡعَوۡنَ وَجَآءَهُمۡ

پڪڙينداسون، زبردست پڪڙڻ. بيشڪ اسين بدلو وٺندڙ آھيون ⑯ ۽ بيشڪ اسين ھنن (مشرڪن) کان اڳ فرعوني قوم

رَسُوۡلٌ كَرِيۡمٌ ۞١٧ ۙ اَنۡ اَدُّوۡۤا اِلَىَّ عِبَادَ اللّٰهِ ؕ اِنِّىۡ لَكُمۡ رَسُوۡلٌ

کي آزمائي چڪا آھيون ۽ انھن وٽ ھڪ عزتدار رسول آيو ⑰ تہ اللہ جي ٻانھن (بني اسرائيل) کي منھنجي حوالي ڪريو،

اَمِيۡنٌ ۙ﴿۱۸﴾ وَّاَنۡ لَّا تَعۡلُوۡا عَلَى اللّٰهِ ۚ اِنِّىۡۤ اٰتِيۡكُمۡ بِسُلۡطٰنٍ

بيشڪ آءٌ توهان لاءِ امانتدار رسول آهيان ﴿١٨﴾ ۽ هيءُ ته (مخالفت ۽ نافرماني ڪندي) الله جي مقابلي ۾ وڏائي نه ڪريو، بيشڪ

مُّبِيۡنٍ ۚ﴿۱۹﴾ وَاِنِّىۡ عُذۡتُ بِرَبِّىۡ وَرَبِّكُمۡ اَنۡ تَرۡجُمُوۡنِ ﴿۲۰﴾ وَاِنۡ

آءٌ توهان وٽ روشن معجزو آڻيندڙ آهيان ﴿١٩﴾ ۽ بيشڪ آءٌ پنهنجي ربّ ۽ توهان جي ربّ جي پناهه وٺان ٿو ته توهان مون کي پٿر

لَّمۡ تُؤۡمِنُوۡا لِىۡ فَاعۡتَزِلُوۡنِ ﴿۲۱﴾ فَدَعَا رَبَّهٗۤ اَنَّ هٰٓؤُلَآءِ قَوۡمٌ

چٽي ماريو ﴿٢٠﴾ ۽ جيڪڏهن مون تي ايمان نٿا آڻيو ته پوءِ مون (کي ايذائڻ) کان پاسو ڪريو ﴿٢١﴾ پوءِ (موسيٰ عليه السلام)

مُّجۡرِمُوۡنَ ﴿۲۲﴾ فَاَسۡرِ بِعِبَادِىۡ لَيۡلًا اِنَّكُمۡ مُّتَّبَعُوۡنَ ۙ﴿۲۳﴾ وَاتۡرُكِ الثلثة

پنهنجي ربّ کي پڪاريو ته هيءَ هڪ ڏوهاري (۽ مشرڪ) قوم آهي ﴿٢٢﴾ پوءِ (الله تعاليٰ کيس فرمايو ته مصر مان) راتورات منهنجن ٻانهن
کي وٺي نڪر. بيشڪ توهان جو پيڇو ڪيو ويندو (يعني فرعوني لشڪر توهان جي ڪڍ لڳندو) ﴿٢٣﴾ ۽ سمنڊ کي سُڪل (۽ پُرسُڪون

الۡبَحۡرَ رَهۡوًا ؕ اِنَّهُمۡ جُنۡدٌ مُّغۡرَقُوۡنَ ﴿۲۴﴾ كَمۡ تَرَكُوۡا مِنۡ جَنّٰتٍ

۽ بيٺل حالت ۾) ڇڏي ڏي، بيشڪ اهو (يعني فرعوني) لشڪر ٻڏڻ وارو آهي ﴿٢٤﴾ (انهن فرعونين) ڪيترائي باغ ۽ چشما

وَّعُيُوۡنٍ ﴿۲۵﴾ وَّزُرُوۡعٍ وَّمَقَامٍ كَرِيۡمٍ ۙ﴿۲۶﴾ وَّنَعۡمَةٍ كَانُوۡا فِيۡهَا

ڇڏيا ﴿٢٥﴾ ۽ پوکون ۽ شاندار جايون (به ڇڏيائون) ﴿٢٦﴾ ۽ نعمت واريون اهي شيون (ڇڏيائون)، جن ۾ سک سان زندگي

فٰكِهِيۡنَ ۙ﴿۲۷﴾ كَذٰلِكَ قف وَاَوۡرَثۡنٰهَا قَوۡمًا اٰخَرِيۡنَ ﴿۲۸﴾ فَمَا بَكَتۡ

گذاريندا هئا ﴿٢٧﴾ اهڙي طرح (ڪين غرق ڪيوسون) ۽ ٻي قوم (يعني بني اسرائيل) کي سندن وارث ڪيوسون ﴿٢٨﴾ پوءِ مٿن

عَلَيۡهِمُ السَّمَآءُ وَالۡاَرۡضُ وَمَا كَانُوۡا مُنۡظَرِيۡنَ ﴿۲۹﴾ ع وَلَقَدۡ ع ٢٩

آسمان ۽ زمين نه رنا (جيئن مؤمنن جا عمل مٿي نه چڙهڻ سبب اهي روئيندا آهن) ۽ نڪي ڪين مهلت ڏني وئي ﴿٢٩﴾ ۽ بيشڪ

نَجَّيۡنَا بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ مِنَ الۡعَذَابِ الۡمُهِيۡنِ ۙ﴿۳۰﴾ مِنۡ فِرۡعَوۡنَ ؕ

بنو اسرائيل کي (پٽن جي ڪهڻ ۽ نياڻين کي جيئرو ڇڏڻ واري) ذليل عذاب کان نجات ڏني سون ﴿٣٠﴾ (يعني) فرعون (جي

اِنَّهٗ كَانَ عَالِيًا مِّنَ الۡمُسۡرِفِيۡنَ ﴿٣١﴾ وَلَقَدِ اخۡتَرۡنٰهُمۡ عَلٰى عِلۡمٍ

ڏاڍو ظلم) ڪان بيشڪ اهو حد ڪان لنگهڻ وارن مان هو ﴿٣١﴾ ۽ بيشڪ اسان بني اسرائيل کي پنهنجي علم جي آڌار تي

عَلَى الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٣٢﴾ وَاٰتَيۡنٰهُمۡ مِّنَ الۡاٰيٰتِ مَا فِيۡهِ بَلٰٓؤٌا

(سندن زماني ۾) جهانن وارن تي چونڊيو ﴿٣٢﴾ ۽ کين (پنهنجي قدرت جا) معجزا ڏنا سون، جن ۾ پڌري آزمائش هئي

مُّبِيۡنٌ ﴿٣٣﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَيَقُوۡلُوۡنَ ﴿٣٤﴾ اِنۡ هِىَ اِلَّا مَوۡتَتُنَا الۡاُوۡلٰى

(مثلاً درياءَ جو چيرجڻ ۽ مَنّ ۽ سلويٰ جو لهڻ) ﴿٣٣﴾ بيشڪ اهي (مڪي جا مشرڪ) چون ٿا ﴿٣٤﴾ ته (هن زندگيءَ کان پوءِ) اسان

وَمَا نَحۡنُ بِمُنۡشَرِيۡنَ ﴿٣٥﴾ فَاۡتُوۡا بِاٰبَآئِنَاۤ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿٣٦﴾

جو اهو پهريون ئي موت آهي ۽ اسان کي زنده ڪري (قبرن مان) اٿاريو نه ويندو ﴿٣٥﴾ پوءِ جيڪڏهن (توهان موت کان پوءِ

اَهُمۡ خَيۡرٌ اَمۡ قَوۡمُ تُبَّعٍ ۙ وَّالَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ اَهۡلَكۡنٰهُمۡ ۫

زنده ٿيڻ جي باري ۾) سچا آهيو ته اسان جي ابن ڏاڏن کي زنده ڪري ڏيکاريو ﴿٣٦﴾ ڇا اهي (مڪي جا مشرڪ) وڌيڪ سگهارا

اِنَّهُمۡ كَانُوۡا مُجۡرِمِيۡنَ ﴿٣٧﴾ وَمَا خَلَقۡنَا السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ وَمَا

آهن يا (صالح نبي عليه السلام جي حميري يعني) قوم تُبّع ۽ بيون قومون، جيڪي انهن کان اڳ هيون؟ اسان انهن کي هلاڪ ڪيو.
بيشڪ اهي ڏوهاري قومون هيون ﴿٣٧﴾ ۽ اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي بنهي جي وچ ۾ آهي، تن کي کيڏ، تماشي

بَيۡنَهُمَا لٰعِبِيۡنَ ﴿٣٨﴾ مَا خَلَقۡنٰهُمَاۤ اِلَّا بِالۡحَقِّ وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا

لاءِ پيدا نه ڪيو آهي ﴿٣٨﴾ اسان بنهي کي حق (يعني خاص مقصد) سان پيدا ڪيو آهي ۽ پر انهن مان گهڻا

يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٣٩﴾ اِنَّ يَوۡمَ الۡفَصۡلِ مِيۡقَاتُهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿٤٠﴾ يَوۡمَ لَا

نٿا ڄاڻن ﴿٣٩﴾ بيشڪ سندن فيصلي جو وقت قيامت جو ڏينهن آهي ﴿٤٠﴾ ان ڏينهن نه ڪو دوست، ڪنهن دوست

يُغۡنِىۡ مَوۡلًى عَنۡ مَّوۡلًى شَيۡـًٔا وَّلَا هُمۡ يُنۡصَرُوۡنَ ﴿٤١﴾ اِلَّا

کي عذاب کان ڪجهه به بچائي سگهندو ۽ نه کين مدد ڏني ويندي ﴿٤١﴾ مگر جنهن شخص تي الله رحم ڪري (يعني

مَنْ رَّحِمَ اللّٰهُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿٤٢﴾ ع اِنَّ شَجَرَتَ

مؤمنَ، جن جي حقّ ۾ سفارش قبول ٿيندي). بيشڪ اهو ئي غالب، رحم ڪندڙ آهي ﴿٤٢﴾ بيشڪ زقوم (يعني ٿوهر جو)

الزَّقُّوْمِ ﴿٤٣﴾ لا طَعَامُ الْاَثِيْمِ ﴿٤٤﴾ ج صلے كَالْمُهْلِ ج يَغْلِيْ فِي الْبُطُوْنِ ﴿٤٥﴾ لا

وڻ ﴿٤٣﴾ گنهگارن (يعني ابولهب ۽ سندس ساٿين ۽ ٻين ڪافرن) جو کاڄ آهي ﴿٤٤﴾ پگهريل ٽامي وانگر پيٽن ۾ ابرندو ﴿٤٥﴾

كَغَلْيِ الْحَمِيْمِ ﴿٤٦﴾ خُذُوْهُ فَاعْتِلُوْهُ اِلٰى سَوَآءِ الْجَحِيْمِ ﴿٤٧﴾ ق صلے ثُمَّ

ٽهڪندڙ پاڻيءَ وانگر ﴿٤٦﴾ چيو ويندو ته کيس پڪڙيو، پوءِ گهليو کيس دوزخ ۾ سَٽيو ﴿٤٧﴾ پوءِ سندس مٿي تي

صُبُّوْا فَوْقَ رَاْسِهٖ مِنْ عَذَابِ الْحَمِيْمِ ﴿٤٨﴾ ط ذُقْ ج لا اِنَّكَ اَنْتَ

ٽهڪندڙ پاڻي هاريو ﴿٤٨﴾ (چيو ويندس ته عذاب جو مزو) چک! بيشڪ تون (پاڻ کي مکي وارن مان سڀ کان وڏيڪ) عزت

الْعَزِيْزُ الْكَرِيْمُ ﴿٤٩﴾ اِنَّ هٰذَا مَا كُنْتُمْ بِهٖ تَمْتَرُوْنَ ﴿٥٠﴾ اِنَّ

وارو (۽) سڳورو سمجهندو هئين ﴿٤٩﴾ بيشڪ هيءُ آهي اهو عذاب جنهن جي باري ۾ توهان شڪ ڪندا هئا ﴿٥٠﴾ بيشڪ (اِج)

الْمُتَّقِيْنَ فِيْ مَقَامٍ اَمِيْنٍ ﴿٥١﴾ لا فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿٥٢﴾ ج لا يَّلْبَسُوْنَ

پرهيزگار امن واري جاءِ ۾ آهن ﴿٥١﴾ باغن ۽ چشمن ۾ آهن ﴿٥٢﴾ سنهي ريشم ۽ ٿلهي ريشم جو لباس

مِنْ سُنْدُسٍ وَّاِسْتَبْرَقٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿٥٣﴾ ج لا كَذٰلِكَ قف وَزَوَّجْنٰهُمْ

پائي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ويهندا ﴿٥٣﴾ ائين ئي (ٿيندو، جيئن چيوسون) ۽ وڏين اکين واريون

بِحُوْرٍ عِيْنٍ ﴿٥٤﴾ ط يَدْعُوْنَ فِيْهَا بِكُلِّ فَاكِهَةٍ اٰمِنِيْنَ ﴿٥٥﴾ لا

(پاڪباز ۽ مهربان مزاج) حورون کين پرڻائينداسون ﴿٥٤﴾ اتي بيخوف ٿي هر قسم جا ميوا گهرائيندا ﴿٥٥﴾

لَا يَذُوْقُوْنَ فِيْهَا الْمَوْتَ اِلَّا الْمَوْتَةَ الْاُوْلٰى ج وَوَقٰهُمْ

اتي اهي پهرئين موت کان سواءِ وري موت (جو مزو) نه چکيندا ۽ (الله) انهن کي دوزخ جي عذاب

ع ١٥

مُعَانَقَةٌ ١٣ عِنْدَ الْمُتَأَخِّرِيْنَ

عَذَابَ الۡجَحِيۡمِ ﴿٥٦﴾ فَضۡلًا مِّنۡ رَّبِّكَ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الۡفَوۡزُ

کان بچائيندو ﴿٥٦﴾ اهو تنهنجي ربّ جو فضل آهي، (الله جو فضل حاصل ٿيڻ)، اهائي اُها وڏي

الۡعَظِيۡمُ ﴿٥٧﴾ فَاِنَّمَا يَسَّرۡنٰهُ بِلِسَانِكَ لَعَلَّهُمۡ يَتَذَكَّرُوۡنَ ﴿٥٨﴾

ڪاميابي آهي ﴿٥٧﴾ پوءِ بيشڪ انهيءَ (قرآن) کي اسان تنهنجي زباني آسان ڪيو، مَنَ اهي نصيحت وٺن ﴿٥٨﴾

فَارۡتَقِبۡ اِنَّهُمۡ مُّرۡتَقِبُوۡنَ ﴿٥٩﴾ ع

پوءِ (پنهنجي فتح جي سوڀ جو) انتظار ڪر، بيشڪ اهي (ڪافر به پنهنجي هلاڪت جو) انتظار ڪندڙ آهن ﴿٥٩﴾

(٤٥) سُوۡرَةُ الۡجَاثِيَةِ مَكِّيَّةٌ (٦٥)

اٰيَاتُهَا ٣٧ — رُكُوۡعَاتُهَا ٤

سورة الجاثية مڪي آهي. هن ۾ ستٽيهه آيتون ۽ چار رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

حٰمٓ ۚ ﴿١﴾ تَنۡزِيۡلُ الۡكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الۡعَزِيۡزِ الۡحَكِيۡمِ ﴿٢﴾ اِنَّ فِى

حٰمٓ (هر ڪم جي تقدير مقرر آهي) ﴿١﴾ (هي عظيم الشان) ڪتاب الله غالب، حڪمت واري طرفان لاٿل آهي ﴿٢﴾ بيشڪ

السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ لَاٰيٰتٍ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٣﴾ ؕ وَفِىۡ خَلۡقِكُمۡ وَمَا

آسمانن ۽ زمين (جي پيدائش) ۾ مؤمنن لاءِ (الله جي قدرت ۽ توحيد جون) نشانيون آهن ﴿٣﴾ ۽ توهان جي پيدائش ۽

يَبُثُّ مِنۡ دَآبَّةٍ اٰيٰتٌ لِّقَوۡمٍ يُّوۡقِنُوۡنَ ﴿٤﴾ ۙ وَاخۡتِلَافِ الَّيۡلِ

الله جي پکيڙيل چُرندڙ پُرندڙ جاندارن ۾ (توحيد جي عقيدي تي) يقين رکندڙ قوم لاءِ نشانيون آهن ﴿٤﴾ ۽ رات ۽ ڏينهن

وَالنَّهَارِ وَمَآ اَنۡزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنۡ رِّزۡقٍ فَاَحۡيَا بِهِ

جي ڦير گهير ۽ الله جي طرفان آسمانَ مان لاٿل روزي (يعني پاڻيءَ) ۾ به نشانيون آهن)، جنهن سان اهو غير آباد زمين

الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَتَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ۝٥

کي آباد کري ٿو ۽ هوائن جي هلڻ ۾ به انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، (جيڪي سندس قدرت ۾) غور فڪر ڪن ٿا ۝٥

تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ۚ فَبِاَيِّ حَدِيْثٍۭ بَعْدَ

اهي الله جون آيتون آهن، جيڪي (اي مُحَمَّد ﷺ!) توتي حقّ سان پڙهون ٿا، پوءِ الله ۽ ان جي آيتن

اللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ يُؤْمِنُوْنَ ۝٦ وَيْلٌ لِّكُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ ۝٧ يَّسْمَعُ

کان بعد ڪهڙي ڳالهه تي ايمان آڻيندا؟ ۝٦ هر هڪ ڪوڙي، گنهگار لاءِ خرابي آهي ۝٧ جيڪو الله جون آيتون

اٰيٰتِ اللّٰهِ تُتْلٰى عَلَيْهِ ثُمَّ يُصِرُّ مُسْتَكْبِرًا كَاَنْ لَّمْ يَسْمَعْهَا ۚ

ٻڌي، پوءِ به وڏائي وچان هٺ ڪري ٿو، ڄڻ ته اهي (آيتون) ٻڌيون ئي نه اٿس. پوءِ ڪيس ڏکوئيندڙ عذاب

فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝٨ وَاِذَا عَلِمَ مِنْ اٰيٰتِنَا شَيْئًا اتَّخَذَهَا

جي خوشخبري ڏي ۝٨ ۽ جڏهن اسان جي آيتن مان ڪا شيءِ ڄاڻندو آهي ته (لعنتي ابوجهل وانگر) ان تي

هُزُوًا ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ۝٩ؕ مِنْ وَّرَآئِهِمْ جَهَنَّمُ ۚ

ٺٺوليون ڪندو آهي، پوءِ سندس لاءِ خوارخراب ڪندڙ عذاب آهي ۝٩ (سندن منزل) سندن پويان جهنم آهي ۽

وَلَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ مَّا كَسَبُوْا شَيْئًا وَّلَا مَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ

جيڪي (مال ۽ اولاد) ڪمايا اٿن، اهي ڪين (عذاب کان) ڪجھ به بچائي نه سگهندا ۽ نه وري سندن ساٿي (۽ معبود) ڪين

اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۝١٠ؕ هٰذَا هُدًى ۚ وَالَّذِيْنَ

(الله جي عذاب کان) بچائي سگهندا ۽ سندن لاءِ وڏو عذاب آهي ۝١٠ هيءُ (قرآن) هدايت (جو ڪتاب) آهي ۽ جن

كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَهُمْ عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ ۝١١ؑ اَللّٰهُ

ماڻهن پنهنجي ربّ جي آيتن جو ڪفر ڪيو، انهن جي سخت سزا لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ۝١١ اهو الله ئي آهي،

الَّذِىۡ سَخَّرَ لَكُمُ الۡبَحۡرَ لِتَجۡرِىَ الۡفُلۡكُ فِيۡهِ بِاَمۡرِهٖ

جنهن توهان لاءِ سمنڊ کي تابع ڪيو، تہ جيئن منجهس سندس حڪم سان ٻيڙيون هلن ۽ جيئن توهان سندس

وَلِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ وَلَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿١٢﴾ وَسَخَّرَ لَكُمۡ

فضل (يعني روزي) حاصل ڪريو ۽ مَنَ توهين شڪر ڪريو ﴿١٢﴾ ۽ (الله پنهنجي فضل ۽ احسان سان) اهي سڀ شيون توهان

مَّا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا مِّنۡهُ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ

لاءِ تابع ڪيون، جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهن، بيشڪ ان ۾ (الله جي قدرت ۽ وحدانيت جون) نشانيون آهن،

لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿١٣﴾ قُلۡ لِّلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا يَغۡفِرُوۡا لِلَّذِيۡنَ

انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ۽ فڪر ڪن ٿا ﴿١٣﴾ (اي محمد ﷺ!) مؤمنن کي فرماءِ تہ جيڪي ماڻهو الله جي (عذاب وارن) ڏينهن

لَا يَرۡجُوۡنَ اَيَّامَ اللّٰهِ لِيَجۡزِىَ قَوۡمًاۢ بِمَا كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ﴿١٤﴾

جو ويساهہ نٿا ڪن (۽ نٿا ڊڄن) تن لاءِ بخشش گهرن، تہ جيئن انهن (ڪافرن) کي سندن ڪرتوتن جو بدلو ڏئي ﴿١٤﴾

مَنۡ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفۡسِهٖ ۚ وَمَنۡ اَسَآءَ فَعَلَيۡهَا ۖ ثُمَّ اِلٰى

جنهن نيڪي ڪئي تہ پنهنجي لاءِ نيڪي ڪيائين ۽ جنهن برائي ڪئي تہ پنهنجي لاءِ (برائي ڪيائين.) پوءِ

رَبِّكُمۡ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿١٥﴾ وَلَقَدۡ اٰتَيۡنَا بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ الۡكِتٰبَ

توهان کي پنهنجي ربّ ڏانهن موٽايو ويندو (۽ عملن مطابق بدلو ڏنو ويندو) ﴿١٥﴾ ۽ بيشڪ اسان بني اسرائيل کي

وَالۡحُكۡمَ وَالنُّبُوَّةَ وَرَزَقۡنٰهُمۡ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلۡنٰهُمۡ

ڪتاب ۽ حڪمت ۽ پيغمبري ڏني ۽ کين پاڪ (۽ حلال) شين مان روزي عطا ڪئي سون ۽ کين (سندن زماني ۾)

عَلَى الۡعٰلَمِيۡنَ ۚ ﴿١٦﴾ وَاٰتَيۡنٰهُمۡ بَيِّنٰتٍ مِّنَ الۡاَمۡرِ ۚ فَمَا اخۡتَلَفُوۡۤا

جهانن وارن تي فضيلت بخشي سون ﴿١٦﴾ ۽ کين (حضرت محمد ﷺ جون صفتون ۽ توريت جا پڌرا) احڪام ڏناسون. پوءِ

اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ ۙ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ۭ اِنَّ رَبَّكَ

جڏهن وٽن علم آيو تہ هڪ ٻئي سان حسد ڪندي (پيغمبر پاڪ ﷺ جي پيغمبريءَ جي باري ۾) اختلاف ڪيائون. بيشڪ

يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٧﴾

تنهنجو ربّ قيامت جي ڏينهن انهن جي وچ ۾ انهن اختلافن جو فيصلو فرمائيندو، جيڪي اهي (مؤمنن سان) ڪن ٿا ﴿١٧﴾

ثُمَّ جَعَلْنٰكَ عَلٰى شَرِيْعَةٍ مِّنَ الْاَمْرِ فَاتَّبِعْهَا وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ

پوءِ (اي مُحَمَّد ﷺ!) توکي شريعت (۽ ملت ۽ دين ۽ مذهب) ڏنوسون، پوءِ ان جي پيروي ڪر ۽ جيڪي ماڻهو (ايمان ۽ توحيد

الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٨﴾ اِنَّهُمْ لَنْ يُّغْنُوْا عَنْكَ مِنَ اللّٰهِ شَيْئًا ۭ

کي) نٿا ڄاڻن، تن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪر ﴿١٨﴾ (اي محمد ﷺ! جيڪڏهن سندن خواهشن جي پيروي ڪندين تہ)

وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۚ وَاللّٰهُ وَلِيُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٩﴾

اهي توکي (الله جي عذاب) کان هرگز ڪجهہ بہ بچائي نہ سگهندا ۽ بيشڪ ظالم هڪ ٻئي جا دوست آهن ۽ الله

هٰذَا بَصَآئِرُ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٢٠﴾

پرهيزگارن جو دوست آهي ﴿١٩﴾ هيءُ (قرآن) ماڻهن (جي دلين) لاءِ روشن دليل ۽ (موت کان پوءِ جيارڻ تي) يقين

اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ اجْتَرَحُوا السَّيِّاٰتِ اَنْ نَّجْعَلَهُمْ كَالَّذِيْنَ

رکندڙن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي ﴿٢٠﴾ ڇا جن ماڻهن گناهہ (۽ ڪفر ۽ نافرماني) ڪمائي، اهي ڀانئين ٿا تہ ڪين انهن ماڻهن

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ سَوَآءً مَّحْيَاهُمْ وَمَمَاتُهُمْ ۭ سَآءَ

وانگر ڪنداسون، جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، سندن جيئڻ ۽ سندن مرڻ هڪجهڙو ٿيندو؟ ڏاڍو بڇڙو فيصلو

مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿٢١﴾ ع وَخَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَلِتُجْزٰى ع ٢ / ١٨

آهي، جيڪو اهي ڪن ٿا ﴿٢١﴾ ۽ الله آسمانن ۽ زمين کي حقّ سان پيدا ڪيو (جيئن سندس قدرت ظاهر ٿئي) ۽ جيئن هر

كُلُّ نَفۡسٍۭ بِمَا كَسَبَتۡ وَهُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ ﴿٢٢﴾ اَفَرَءَيۡتَ

شخص کي سندس ڪمائيءَ جو پورو پورو بدلو ڏنو ويجي ۽ انهن تي ظلم نہ ڪيو ويندو ﴿٢٢﴾ ڇا پوءِ تو انهيءَ شخص

مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ وَاَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰى عِلۡمٍ وَّخَتَمَ

کي ڏٺو، جنهن پنهنجي خواهش کي پنهنجو معبود بڻايو ۽ الله تعاليٰ پنهنجي (ازلي) علم سبب کيس گمراهہ

عَلٰى سَمۡعِهٖ وَقَلۡبِهٖ وَجَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةً ؕ فَمَنۡ

ڪري ڇڏيو (تہ اهو دوزخي آهي) ۽ سندس ڪنن ۽ سندس دل تي مهر هڻي ڇڏيائين ۽ سندس اکين تي پردا

يَّهۡدِيۡهِ مِنۡۢ بَعۡدِ اللّٰهِ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوۡنَ ﴿٢٣﴾ وَقَالُوۡا مَا هِىَ

وجهي ڇڏيا. پوءِ الله کان بعد کيس ڪير هدايت ڏيندو، ڇا نصيحت نٿا وٺو؟ ﴿٢٣﴾ ۽ (قيامت جا انڪاري) چون ٿا تہ

اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنۡيَا نَمُوۡتُ وَنَحۡيَا وَمَا يُهۡلِكُنَاۤ اِلَّا الدَّهۡرُ ۚ

زندگي تہ دنيا جي هيءَ زندگي ئي آهي. اسان مان (ڪي) مرن ٿا ۽ اسان مان (ڪي) جيئن ٿا ۽ رڳو زمانو

وَمَا لَهُمۡ بِذٰلِكَ مِنۡ عِلۡمٍ ۚ اِنۡ هُمۡ اِلَّا يَظُنُّوۡنَ ﴿٢٤﴾ وَاِذَا

ئي اسان کي ماري ٿو ۽ کين (پنهنجي ڳالهہ لاءِ) ڪو علم نہ آهي. اهي رڳو گمان ڪن ٿا ﴿٢٤﴾ ۽ جڏهن مٿن اسان

تُتۡلٰى عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ مَّا كَانَ حُجَّتَهُمۡ اِلَّاۤ اَنۡ قَالُوا

(جي قدرت ۽ قيامت جي باري ۾) روشن آيتون پڙهيون وڃن ٿيون، تڏهن سندن دليل رڳو هيءُ هوندو آهي تہ

ائۡتُوۡا بِاٰبَآئِنَاۤ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿٢٥﴾ قُلِ اللّٰهُ يُحۡيِيۡكُمۡ ثُمَّ

جيڪڏهن توهين سچا آهيو تہ اسان جي (مري ويل) ابن ڏاڏن کي (جياري) ڏيکاريو ﴿٢٥﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ تہ الله

يُمِيۡتُكُمۡ ثُمَّ يَجۡمَعُكُمۡ اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ لَا رَيۡبَ فِيۡهِ وَ

ئي توهان کي(دنيا ۾) جيئرو ڪري ٿو، پوءِ اهوئي توهان کي ماري ٿو، پوءِ اهوئي توهان کي قيامت جي ڏينهن

ع ٣ ١٩

لٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٢٦﴾ ع وَ لِلّٰهِ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَ

گڏ ڪندو، جنهن ۾ ڪو شڪ نہ آهي ۽ پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن ﴿٢٦﴾ ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله لاءِ ئي

الۡاَرۡضِ ؕ وَ يَوۡمَ تَقُوۡمُ السَّاعَةُ يَوۡمَئِذٍ يَّخۡسَرُ الۡمُبۡطِلُوۡنَ ﴿٢٧﴾

آهي ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي، تنهن ڏينهن باطل پرست (۽ ڪوڙا ماڻهو) نقصان پوڳيندا ﴿٢٧﴾

وَ تَرٰى كُلَّ اُمَّةٍ جَاثِيَةً ۟ قف كُلُّ اُمَّةٍ تُدۡعٰۤى اِلٰى كِتٰبِهَا ؕ

۽ هر امت کي (دهشت وچان) گوڏن ڀر جهڪيل ڏسندين ۽ هر امت کي سندس اعمالنامي ڏانهن سڏيو ويندو. اڄ

اَلۡيَوۡمَ تُجۡزَوۡنَ مَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٢٨﴾ هٰذَا كِتٰبُنَا يَنۡطِقُ

توهان کي (دنيا ۾) توهان جي ڪيل عملن جو بدلو ڏنو ويندو ﴿٢٨﴾ هيءُ آهي اسان جو ڪتاب (يعني لکايل اعمالنامو)

عَلَيۡكُمۡ بِالۡحَقِّ ؕ اِنَّا كُنَّا نَسۡتَنۡسِخُ مَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٢٩﴾

جيڪو توهان جي خلاف سچ کي بيان ڪري ٿو. بيشڪ جيڪي ڪجهہ توهين ڪندا هئا، اسين ان کي لکندا هئاسون ﴿٢٩﴾

فَاَمَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُدۡخِلُهُمۡ رَبُّهُمۡ

پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن چڱا ڪم ڪيا، انهن کي سندن ربّ پنهنجي رحمت ۾ داخل فرمائيندو.

فِىۡ رَحۡمَتِهٖ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الۡفَوۡزُ الۡمُبِيۡنُ ﴿٣٠﴾ وَ اَمَّا الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا ۟ قف

اها ئي اُها پڌري ڪاميابي آهي ﴿٣٠﴾ ۽ باقي رهيا اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو، (انهن کي چيو ويندو تہ) ڇا

اَفَلَمۡ تَكُنۡ اٰيٰتِىۡ تُتۡلٰى عَلَيۡكُمۡ فَاسۡتَكۡبَرۡتُمۡ وَ كُنۡتُمۡ قَوۡمًا

توهان تي منهنجيون آيتون پڙهيون نہ وينديون هيون؟ پر توهان وڏائي ڪندا هئا ۽ توهان ڏوهاري (يعني ڪافر)

مُّجۡرِمِيۡنَ ﴿٣١﴾ وَ اِذَا قِيۡلَ اِنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ السَّاعَةُ لَا رَيۡبَ

قوم آهيو ﴿٣١﴾ ۽ جڏهن چيو ويندو هو تہ بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي ۽ قيامت جي اچڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ

فِيۡهَا قُلۡتُمۡ مَّا نَدۡرِىۡ مَا السَّاعَةُ ۙ اِنۡ نَّظُنُّ اِلَّا ظَنًّا وَّمَا

توهين چوندا هئا تہ اسين نٿا ڄاڻون تہ قيامت ڇا آهي؟ اسين تہ (قيامت جي عقيدي کي) رڳو هڪ گمان ڀانيون ٿا

نَحۡنُ بِمُسۡتَيۡقِنِيۡنَ ﴿٣٢﴾ وَبَدَا لَهُمۡ سَيِّاٰتُ مَا عَمِلُوۡا وَحَاقَ

۽ اسين (ان تي) يقين رکندڙ نہ آهيون ﴿٣٢﴾ ۽ جيڪي برائيون ڪيائون، سي سندن سامهون ايندين ۽ (عذاب جي

بِهِمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿٣٣﴾ وَقِيۡلَ الۡيَوۡمَ نَنۡسٰكُمۡ كَمَا

ذمڪيءَ جي باري ۾) جيڪا ٺٺول بازي ڪندا هئا، سا کين وڪوڙي وٺندي ﴿٣٣﴾ ۽ کين چيو ويندو تہ اڄ توهان کي (عذاب ۾)

نَسِيۡتُمۡ لِقَآءَ يَوۡمِكُمۡ هٰذَا وَمَاۡوٰىكُمُ النَّارُ وَمَا لَكُمۡ مِّنۡ

وساريون ٿا، جيئن توهان پنهنجي هن ڏينهن تي (ايمان آڻڻ ۽ عمل ڪرڻ) کي وساريو ۽ توهان جي رهڻ جي جاءِ دوزخ

نّٰصِرِيۡنَ ﴿٣٤﴾ ذٰلِكُمۡ بِاَنَّكُمُ اتَّخَذۡتُمۡ اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا وَّ

آهي ۽ توهان جو ڪو مددگار نہ آهي ﴿٣٤﴾ توهان لاءِ اهو (عذاب) هن ڪري آهي، جو توهان الله جي آيتن تي ٺٺوليون

غَرَّتۡكُمُ الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا ۚ فَالۡيَوۡمَ لَا يُخۡرَجُوۡنَ مِنۡهَا وَلَا هُمۡ

ڪندا هئا ۽ دنيا جي حياتيءَ توهان کي دوکي ۾ وجهي ڇڏيو، تنهن ڪري اڄ کين دوزخ مان نہ ڪڍيو ويندو ۽ نہ

يُسۡتَعۡتَبُوۡنَ ﴿٣٥﴾ فَلِلّٰهِ الۡحَمۡدُ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَرَبِّ الۡاَرۡضِ

سندن توبه قبول ڪئي ويندي ﴿٣٥﴾ پوءِ سڀ ساراهہ الله لاءِ آهي، جيڪو آسمانن جو ربّ ۽ زمين

رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٣٦﴾ وَلَهُ الۡكِبۡرِيَآءُ فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ۖ

جو ربّ ۽ سڀني جهانن جو ربّ آهي ﴿٣٦﴾ ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ سندس لاءِ وڏائي (۽ عظمت) آهي ۽ اهو

وَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿٣٧﴾ ع

ٿي غالب، حڪمت وارو آهي ﴿٣٧﴾

اٰيَاتُهَا ٣٥ (٤٦) سُوْرَةُ الْاَحْقَافِ مَكِّيَّةٌ (٦٦) رُكُوْعَاتُهَا ٤

سورة الاحقاف مڪي آهي. هن ۾ پنجٽيهه آيتون ۽ اٺ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

واجب الوجود الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عام ۽ خاص ڪي بخشيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

حٰمٓ ۚ ① تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ② مَا خَلَقْنَا

حٰمٓ (هر شيءِ جي تقدير مقرر آهي) ① (هن عظيم) ڪتاب جو نازل ٿيڻ غالب، داناءَ الله جي طرفان آهي ② اسان

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ وَ

آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي بنهي جي وچ ۾ آهي، سو سڀ حق سان ۽ (پنهنجي علم مطابق) مقرر مدت تائين پيدا ڪيو

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَمَّآ اُنْذِرُوْا مُعْرِضُوْنَ ③ قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّا

آهي (۽ موت سان هر شيءِ فنا ٿئي ٿي) ۽ جن ڪفر ڪيو اهي (اسان جي) ڊيڄاريل ڳالهين کان منهن موڙيندڙ آهن ③

تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ اَمْ لَهُمْ

فرماءِ (اي محمد ﷺ!) ڏسيو ته الله کان سواءِ جن کي توهان پڪاريو ٿا، مون کي ڏيکاريو ته انهن زمين ۾ ڪهڙي شيءِ پيدا

شِرْكٌ فِي السَّمٰوٰتِ ؕ اِيْتُوْنِيْ بِكِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ هٰذَآ اَوْ اَثٰرَةٍ مِّنْ

ڪئي آهي يا سندن لاءِ آسمانن ۾ ڪا ڀاڱي ڀائيواري آهي؟ (فرماءِ ته) هن (قرآن) کان اڳ (نبين جي تعليم تي مشتمل

عِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ④ وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنْ يَّدْعُوْا مِنْ

ڪو) ڪتاب يا علمي آثار آڻيو، جيڪڏهن (غير الله جي عبادت ۾) سچا آهيو ④ ۽ انهيءَ شخص کان وڌيڪ گمراه ڪير آهي،

دُوْنِ اللّٰهِ مَنْ لَّا يَسْتَجِيْبُ لَهٗٓ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ وَهُمْ عَنْ

جيڪو الله کان سواءِ انهن (باطل معبودن) کي پڪاري ٿو، جيڪي قيامت تائين (ڪڏهن به) سندس سڏ جو جواب نه ڏيندا ۽

دُعَآئِهِمْ غٰفِلُوْنَ ﴿٥﴾ وَاِذَا حُشِرَ النَّاسُ كَانُوْا لَهُمْ اَعْدَآءً وَّكَانُوْا

اهي سندن سَڏَ کان غافل آهن ﴿٥﴾ ۽ جڏهن ماڻهن کي (قيامت ۾) گڏ ڪيو ويندو تہ اهي (ڪوڙا معبود) سندن دشمن

بِعِبَادَتِهِمْ كٰفِرِيْنَ ﴿٦﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالَ

۽ سندن عبادت جا انڪاري (۽ انهن کان بيزار) هوندا ﴿٦﴾ ۽ جڏهن ماڻهن تي اسان جون روشن آيتون پڙهجن ٿيون تہ ڪافر

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ۙ هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧﴾ ۭ اَمْ

پاڻ وٽ آيل حقّ (يعني قرآن) جي باري ۾ چون ٿا تہ هيءُ تہ هڪڙو پڌرو جادو آهي ﴿٧﴾ يا چون ٿا تہ قرآن (حضرت محمد

يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۭ قُلْ اِنِ افْتَرَيْتُهٗ فَلَا تَمْلِكُوْنَ لِيْ مِنَ اللّٰهِ

ﷺ جو) ٺاهيل ڪوڙ آهي؟ فرماءِ تہ (فرض ڪريو تہ) جيڪڏهن اهو منهنجو گهڙيل ڪوڙ آهي (۽ مون تي عذاب آيو)

شَيْـًٔا ۭ هُوَ اَعْلَمُ بِمَا تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ ۭ كَفٰى بِهٖ شَهِيْدًۢا بَيْنِيْ وَ

تہ پوءِ توهان مون کي الله کان ڇڏائي نہ سگهندا (پوءِ توهان جهڙن هيڻن جي آڏو الله تي بهتان ڇو هڻندس؟) هن (قرآن بابت بهتان ۽
طعني بازي) جي باري ۾ جيڪا ڳالهہ توهان ڇئو ٿا، تنهن کي (الله) وڌيڪ ڄاڻي ٿو. اهو ئي منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ شاهد ڪافي

بَيْنَكُمْ ۭ وَهُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿٨﴾ قُلْ مَا كُنْتُ بِدْعًا مِّنَ الرُّسُلِ

آهي ۽ اهو بخشڻهار، مهربان آهي ﴿٨﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ آءٌ ڪو نئون پيغمبر تہ نہ آهيان (جو توهان کي تعجب ٿئي ۽

وَمَآ اَدْرِيْ مَا يُفْعَلُ بِيْ وَلَا بِكُمْ ۭ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ

منهنجو انڪار ڪريو) ۽ آءٌ نٿو ڄاڻان تہ مون سان ۽ توهان سان ڇا ڪيو ويندو؟ آءٌ تہ رڳو وحيءَ جي پيروي ڪريان ٿو، جيڪو

وَمَآ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٩﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كَانَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ

مون ڏانهن موڪليو وڃي ٿو ۽ آءٌ رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان ﴿٩﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ ڏسو! جيڪڏهن هيءُ (قرآن) الله جي

وَكَفَرْتُمْ بِهٖ وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى مِثْلِهٖ

طرفان آهي ۽ توهان ان جو ڪفر ڪريو ٿا ۽ بني اسرائيل مان هڪڙي شاهد (يعني عبدالله بن سلام رضي الله عنه قرآن جي حقّ ۾)

فَاٰمَنَ وَ اسْتَكْبَرْتُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یَهْدِی الْقَوْمَ الظّٰلِمِیْنَ ﴿۱۰﴾ ع وَ

ساڳي شاهدي ڏني، پوءِ ايمان آندائين ۽ توهان وڏائي ڪئي. بيشڪ الله ظالم قوم کي هدايت نٿو ڪري ﴿۱۰﴾ ۽ جن ماڻهن

قَالَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَوْ كَانَ خَیْرًا مَّا سَبَقُوْنَاۤ

ڪفر ڪيو، تن انهن کي چيو ، جن ايمان آندو تہ جيڪڏهن (محمد ﷺ جو دين) چڱو هجي ها تہ اهي (عبد الله بن سلام

اِلَیْهِ ؕ وَ اِذْ لَمْ یَهْتَدُوْا بِهٖ فَسَیَقُوْلُوْنَ هٰذَاۤ اِفْكٌ قَدِیْمٌ ﴿۱۱﴾ وَ مِنْ

رضي الله عنه ۽ سندس ساٿي) ان ڏانهن اسان کان اڳرائي نہ ڪن ها ۽ جڏهن انهن (ڪافرن، مؤمنن وانگر) هدايت قبول نہ ڪئي تہ پوءِ
سگهوئي چوندا تہ هيءُ (قرآن) پراڻو ڪوڙ آهي ﴿۱۱﴾ ۽ ان (محمد ﷺ جي ڪتاب) کان اڳ موسيٰ جو ڪتاب امام ۽ رحمت

قَبْلِهٖ كِتٰبُ مُوْسٰۤى اِمَامًا وَّ رَحْمَةً ؕ وَ هٰذَا كِتٰبٌ مُّصَدِّقٌ لِّسَانًا

هو ۽ هيءُ ڪتاب (يعني قرآن بين ڪتابن جي) تصديق ڪندڙ، عربي ٻوليءَ ۾ آهي. جيئن انهن ظالمن

عَرَبِیًّا لِّیُنْذِرَ الَّذِیْنَ ظَلَمُوْا ۖۗ وَ بُشْرٰى لِلْمُحْسِنِیْنَ ﴿۱۲﴾ ج اِنَّ الَّذِیْنَ

(يعني مڪي جي مشرڪن) کي ڊيڄاري ۽ نيڪي ڪندڙن لاءِ خوشخبري آهي ﴿۱۲﴾ بيشڪ جن ماڻهن چيو تہ اسان جو

قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا فَلَا خَوْفٌ عَلَیْهِمْ وَ لَا هُمْ

ربّ الله آهي، پوءِ (توحيد مطابق عمل ڪندي) ان تي قائم رهيا، تن لاءِ نہ خوف آهي ۽ نہ اهي غمگين

یَحْزَنُوْنَ ﴿۱۳﴾ ج اُولٰٓىِٕكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ خٰلِدِیْنَ فِیْهَا ۚ جَزَآءًۢ بِمَا

ٿيندا ﴿۱۳﴾ اهي ئي جنتي آهن، جنهن ۾ هميشہ رهندا. اهو سندن (چڱن) عملن جو بدلو آهي، جيڪي اهي

كَانُوْا یَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴﴾ وَ وَصَّیْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَیْهِ اِحْسٰنًا ؕ حَمَلَتْهُ

ڪن ٿا ﴿۱۴﴾ ۽ اسان انسان کي سندس پيءُ ماءُ سان احسان ڪرڻ جي وصيت ڪئي. سندس ماءُ ڪيس تڪليف سان پيٽ ۾

اُمُّهٗ كُرْهًا وَّ وَضَعَتْهُ كُرْهًا ؕ وَ حَمْلُهٗ وَ فِصٰلُهٗ ثَلٰثُوْنَ شَهْرًا ؕ

کنيو ۽ تڪليف سان ڪيس ڄڻيو ۽ سندس حمل ۽ کير ڇڏائڻ جي مدت ٽيهہ مهينا (يعني حمل جي گهٽ مدت ڇهہ مهينا ۽

حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَبَلَغَ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۙ قَالَ رَبِّ

کير پيارڻ جي گهڻ مدت ﺑ سال) آهي، تانجو جڏهن پنهنجي جوانيءَ کي پهچندو ۽ چاليهن سالن جو ٿيندو آهي،

اَوْزِعْنِيْٓ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَعَلٰى وَالِدَيَّ وَ

چوندو آهي تہ ربّ منهنجا! مون کي توفيق ڏي تہ تنهنجي نعمت (ايمان) جو شڪر ڪريان، جيڪا تو مون تي ۽ منهنجي

اَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ وَاَصْلِحْ لِيْ فِيْ ذُرِّيَّتِيْ ۚؕ اِنِّيْ تُبْتُ

ماءُ پيءُ تي ڪئي ۽ صالح عمل ڪريان، جنهن سان تون راضي ٿئين ۽ مون لاءِ منهنجي اولاد کي سڌار (يعني ڪين ايمان

اِلَيْكَ وَاِنِّيْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٥﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ نَتَقَبَّلُ عَنْهُمْ

جي دولت نصيب فرماءِ.) بيشڪ مون تو وٽ توبه ڪئي ۽ بيشڪ آءٌ مسلمانن مان آهيان ﴿١٥﴾ اهي ئي ماڻهو آهن،

اَحْسَنَ مَا عَمِلُوْا وَنَتَجَاوَزُ عَنْ سَيِّاٰتِهِمْ فِيْٓ اَصْحٰبِ الْجَنَّةِ ؕ

جن جا چڱا عمل اسين قبول ڪندا آهيون ۽ سندن برائين کي معاف ڪندا آهيون، (اهي ئي) جنتي آهن. (اهو الله

وَعْدَ الصِّدْقِ الَّذِيْ كَانُوْا يُوْعَدُوْنَ ﴿١٦﴾ وَالَّذِيْ قَالَ لِوَالِدَيْهِ

جو) سچو وعدو آهي، جيڪو انهن سان ڪيو وڃي ٿو ﴿١٦﴾ ۽ جنهن شخص پنهنجي پيءُ ماءُ کي چيو تہ توهان تي

اُفٍّ لَّكُمَآ اَتَعِدٰنِنِيْٓ اَنْ اُخْرَجَ وَقَدْ خَلَتِ الْقُرُوْنُ مِنْ قَبْلِيْ ۚ

افسوس آهي، ڇا مون کي ڇِتاءُ ڏيو ٿا تہ مون کي (قبر مان جيئرو ڪري) ڪڍيو ويندو، حالانڪ مون کان اڳ ڪيترا زمانا

وَهُمَا يَسْتَغِيْثٰنِ اللّٰهَ وَيْلَكَ اٰمِنْ ۖ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ ۚۖ فَيَقُوْلُ

گذري چڪا آهن ۽ سندس پيءُ ماءُ الله کي ٻاڏائي (ڪيس چئي) رهيا هئا تہ توتي افسوس! ايمان آڻ، بيشڪ الله جو

مَا هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٧﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ حَقَّ عَلَيْهِمُ

وعدو سچو آهي. پوءِ اهو چئي رهيو هو تہ اهي تہ اڳين جون آکاڻيون آهن ﴿١٧﴾ اهي ئي (ڪافرن جون ٽوليون)

الْقَوْلُ فِيْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ۭ

آهن، جن تي جنن ۽ انسانن مان گذريل امتن سان گڏ (عذاب جو) فرمان ثابت ٿي چڪو آهي. بيشڪ اهي ئي نقصان

اِنَّهُمْ كَانُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿١٨﴾ وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا ۚ وَلِيُوَفِّيَهُمْ

پوڳڻ وارا آهن ﴿١٨﴾ ۽ هر هڪ لاءِ سندن عملن مطابق درجا آهن ۽ جيئن ڪين (الله تعاليٰ) سندن (چڱن ۽ برن)

اَعْمَالَهُمْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١٩﴾ وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

عملن جو پورو پورو بدلو ڏي ۽ مٿن ظلم نہ ڪيو ويندو ﴿١٩﴾ ۽ جنهن ڏينهن ڪافرن کي (دوزخ جي مٿان) پيش

عَلَى النَّارِ ۭ اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ فِيْ حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَاسْتَمْتَعْتُمْ

ڪيو ويندو (ڪين چيو ويندو تہ) توهان پنهنجيون نعمتون پنهنجي دنياوي زندگيءَ ۾ ختم ڪري چڪا ۽ انهن

بِهَا ۚ فَالْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ

مان فائدو وٺي چڪا. پوءِ اڄ توهان کي خوار ڪندڙ عذاب جي سزا ڏني ويندي، ڇاڪاڻ تہ توهان دنيا ۾

ع ٢ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَفْسُقُوْنَ ﴿٢٠﴾ ع وَاذْكُرْ اَخَا عَادٍ ۭ

ناحقّ تڪبر ڪندا هئا ۽ هن ڪري جو نافرماني ڪندا هئا ﴿٢٠﴾ ۽ (اي محمد ﷺ! ياد ڪر) عاد جي ڀاءُ (هود) کي، جڏهن ان

اِذْ اَنْذَرَ قَوْمَهٗ بِالْاَحْقَافِ وَقَدْ خَلَتِ النُّذُرُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَ

پنهنجي قوم کي احقاف (جي ماڻرين) ۾ ڊيڄاريو ۽ ان کان اڳ بہ ڊيڄاريندڙ (پيغمبر) گذري چڪا هئا ۽ ان کان پوءِ

مِنْ خَلْفِهٖٓ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ۭ اِنِّىْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ

بہ پيغمبر ايندا رهيا تہ الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو، بيشڪ آءٌ توهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب جي

عَظِيْمٍ ﴿٢١﴾ قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا لِتَاْفِكَنَا عَنْ اٰلِهَتِنَا ۚ فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ

اچڻ کان ڊڄان ٿو ﴿٢١﴾ انهن چيو تہ ڇا اسان وٽ هن مقصد سان آيو آهين تہ اسان کي اسان جي معبودن کان

اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٢﴾ قَالَ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۖ وَاُبَلِّغُكُمْ

قيرائين؟ پوءِ جنهن (عذاب) جي اسان کي ڌمڪي ڏئين ٿو، اهو آڻ، جيڪڏهن سچو آهين ﴿٢٢﴾ انهيءَ چيو ته (عذاب

مَّآ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَلٰكِنِّيْٓ اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ ﴿٢٣﴾ فَلَمَّا رَاَوْهُ عَارِضًا

جي اچڻ جو) علم فقط الله وٽ آهي ۽ آءٌ توهان تائين (الله جو) پيغام پهچايان ٿو، جيڪو مون کي ڏئي موڪليو ويو آهي ۽ پر توهان
کي هڪ جاهل قوم ڏسان ٿو ﴿٢٣﴾ پوءِ جڏهن پنهنجين ماترين ڏانهن (عذاب جي) ڪڪر کي ايندي ڏٺائون، چيائون ته هيءُ ڪڪر

مُّسْتَقْبِلَ اَوْدِيَتِهِمْ ۙ قَالُوْا هٰذَا عَارِضٌ مُّمْطِرُنَا ۭ بَلْ هُوَ مَا

اسان تي مينهن وسائڻ وارو آهي. بلڪ هي اهو ئي (عذاب) آهي، جنهن جي باري ۾ توهان جلدي مچائي رهيا هئا.

اسْتَعْجَلْتُمْ بِهٖ ۭ رِيْحٌ فِيْهَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٤﴾ ۙ تُدَمِّرُ كُلَّ شَيْءٍۢ بِاَمْرِ

هوا جو هڪ زبردست طوفان آهي، جنهن ۾ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ﴿٢٤﴾ (جيڪو) هر شيءِ کي پنهنجي ربّ جي حڪم سان

رَبِّهَا فَاَصْبَحُوْا لَا يُرٰٓى اِلَّا مَسٰكِنُهُمْ ۭ كَذٰلِكَ نَجْزِي الْقَوْمَ

ناس ڪري ڇڏيندو. پوءِ اهي (اهڙا ناس) ٿيا جو سندن (ويران) وسندين کان سواءِ ڪا به شيءِ نظر نٿي اچي. اهڙيءَ طرح

الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٢٥﴾ وَلَقَدْ مَكَّنّٰهُمْ فِيْمَآ اِنْ مَّكَّنّٰكُمْ فِيْهِ وَجَعَلْنَا لَهُمْ

ڏوهاري قوم کي بدلو ڏيندا آهيون ﴿٢٥﴾ ۽ بيشڪ اسان کين ايتري قدر طاقت ڏني هئي، جيتري طاقت توهان کي نه

سَمْعًا وَّاَبْصَارًا وَّاَفْـِٕدَةً ۖ فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ سَمْعُهُمْ وَلَآ اَبْصَارُهُمْ

ڏني آهي ۽ کين ڪنَ ۽ اکيون ۽ دليون ڏنيون، پوءِ سندن ڪنَ ۽ سندن اکيون ۽ سندن دليون انهن کي

وَلَآ اَفْـِٕدَتُهُمْ مِّنْ شَيْءٍ اِذْ كَانُوْا يَجْحَدُوْنَ ۙ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَحَاقَ

ڪجهه به بچائي نه سگهيون، جڏهن اهي الله جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا ۽ جيڪا ٺٺول بازي

بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٢٦﴾ ع وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا مَا حَوْلَكُمْ مِّنَ ٣ع٣

اهي ڪندا هئا، انهيءَ کين وڪوڙي ورتو ﴿٢٦﴾ ۽ (اي مڪي وارو!) بيشڪ اسين توهان جي ويجهن ڳوٺن کي هلاڪ

الْقُرٰى وَصَرَّفْنَا الْاٰيٰتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٢٧﴾ فَلَوْلَا نَصَرَهُمُ الَّذِيْنَ

ڪري چڪا آهيون ۽ (اسان سندن لاءِ) آيتون بيان ڪيون، مَنَ اهي (ڪفر ڪان) موٽن ﴿٢٧﴾ پوءِ الله ڪان سواءِ

اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ قُرْبَانًا اٰلِهَةً ؕ بَلْ ضَلُّوْا عَنْهُمْ ۚ وَذٰلِكَ

جن (باطل معبودن ڪي الله تعاليٰ جي) ويجهڙائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ معبود ٺهرايو هئائون، سي انهن سندن مدد نہ
ڪئي ؟ بلڪ (عذاب جي اچڻ وقت) اهي انهن ڪان ٿري ويا (۽ اهو باطل عقيدو) ۽ سندن جڙتو ڳالهيون، سڀ نسورو ڪوڙ

اِفْكُهُمْ وَمَا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَاِذْ صَرَفْنَآ اِلَيْكَ نَفَرًا مِّنَ الْجِنِّ

ثابت ٿيون (تہ سندن باطل معبود سندن لاءِ الله تعاليٰ جي ويجهڙائي جو سبب آهن.) ﴿٢٨﴾ ۽ جڏهن اسان تو ڏانهن جنن

يَسْتَمِعُوْنَ الْقُرْاٰنَ ۚ فَلَمَّا حَضَرُوْهُ قَالُوْٓا اَنْصِتُوْا ۚ فَلَمَّا قُضِيَ

جي هڪڙي ٽوليءَ کي قرآن ٻڌڻ لاءِ متوجّہ ڪيو. پوءِ جڏهن اهي (پيغمبر پاڪ ﷺ) وٽ پهتا تہ هڪ ٻئي کي چيائون تہ

وَلَّوْا اِلٰى قَوْمِهِمْ مُّنْذِرِيْنَ ﴿٢٩﴾ قَالُوْا يٰقَوْمَنَآ اِنَّا سَمِعْنَا كِتٰبًا

ماٺ ڪري ٻڌو. پوءِ جڏهن (پاڻ ڪريمن ﷺ جي تلاوت) پوري ٿي تہ پنهنجي قوم ڏانهن ڊيڄاريندڙ ٿي موٽي ويا ﴿٢٩﴾

اُنْزِلَ مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ يَهْدِيْٓ اِلَى

چيائون تہ اي اسان جي قوم! بيشڪ اسان هڪ ڪتاب ٻڌو آهي، جيڪو موسيٰ ڪان پوءِ نازل ڪيو ويو آهي. پاڻ ڪان اڳين

الْحَقِّ وَاِلٰى طَرِيْقٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٣٠﴾ يٰقَوْمَنَآ اَجِيْبُوْا دَاعِيَ اللّٰهِ وَاٰمِنُوْا

(ڪتابن يعني توريت ۽ انجيل) جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ حقّ (يعني دين اسلام) ۽ سڌي رستي ڏانهن هدايت ڪري ٿو (يعني
اسلام مطابق عمل ڪرڻ سيکاري ٿو.) ﴿٣٠﴾ اي اسان جي قوم! الله ڏانهن سڏيندڙ (حضرت محمد ﷺ جن) جي دعوت کي قبول

بِهٖ يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُجِرْكُمْ مِّنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٣١﴾ وَمَنْ لَّا

ڪريو ۽ مٿس ايمان آڻيو (تہ الله) توهان جا گناہ بخشيندو ۽ توهان کي ڏکوئيندڙ عذاب ڪان نجات ڏيندو ﴿٣١﴾ ۽

يُجِبْ دَاعِيَ اللّٰهِ فَلَيْسَ بِمُعْجِزٍ فِى الْاَرْضِ وَلَيْسَ لَهٗ مِنْ دُوْنِهٖٓ

جيڪو شخص الله ڏانهن دعوت ڏيندڙ جي دعوت قبول نہ ڪندو، پوءِ اهو (الله کي) زمين ۾ عاجز ڪندڙ نہ آهي ۽ ان

اَوْلِيَآءُ ؕ اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٢﴾ اَوَ لَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ

ڪان سواءِ سندس ڪي بہ مددگار ۽ ساٿي نہ آهن. اهي ئي ماڻهو پڌري گمراهيءَ ۾ آهن ﴿٣٢﴾ ڇا نٿا ڏسن تہ الله

الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَلَمْ يَعْيَ بِخَلْقِهِنَّ بِقٰدِرٍ

تعاليٰ، جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي ۽ انهن جي پيدائش جي ڪري ٿڪيو نہ آهي، اهو هن ڳالهہ

عَلٰٓى اَنْ يُّحْيِۦَ الْمَوْتٰى ؕ بَلٰٓى اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٣٣﴾

جي بہ قدرت ۽ سگهہ رکندڙ آهي تہ مئن کي جياري. هائو! بيشڪ اهو (الله) هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ﴿٣٣﴾

وَ يَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ ؕ اَلَيْسَ هٰذَا

۽ جنهن ڏينهن ڪافرن کي باهہ جي سامهون پيش ڪيو ويندو (ان ڏينهن کين چيو ويندو تہ) ڇا هيءُ (دوزخ جو عذاب)

بِالْحَقِّ ؕ قَالُوْا بَلٰى وَرَبِّنَا ؕ قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا

سچو نہ آهي؟ چوندا تہ هائو، اسان کي اسان جي ربّ جو قسم! (الله حڪم) فرمائيندو تہ پوءِ جيڪو ڪفر توهان ڪندا هئا،

كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٤﴾ فَاصْبِرْ كَمَا صَبَرَ اُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ

تنهن جي ڪري عذاب چکو ﴿٣٤﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ! سندن ايذاءَ تي) صبر ڪر ، جيئن همت وارن پيغمبرن صبر ڪيو

وَلَا تَسْتَعْجِلْ لَّهُمْ ؕ كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَ مَا يُوْعَدُوْنَ ۙ لَمْ

(همت وارا پنج پيغمبر آهن، جن کي جدا شريعت ڏني وئي: نوح عليہ السلام ، ابراهيم عليہ السلام ، موسيٰ عليہ السلام ، عيسيٰ عليہ السلام ۽ محمد ﷺ) ۽ ساڻن (عذاب جو) جيڪو وعدو ڪجي ٿو، ان لاءِ جلدي نہ ڪر. جنهن ڏينهن ان کي ڏسندا تہ (ڀائيندا تہ دنيا ۾) ڏينهن

يَلْبَثُوْٓا اِلَّا سَاعَةً مِّنْ نَّهَارٍ ؕ بَلٰغٌ ۚ فَهَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ

جي هڪڙي گهڙي رهيا هئا. (پيغمبر ﷺ تي الله جي طرفان رڳو هن قرآن کي) پهچائڻ (جي ذميواري) آهي.

الْفٰسِقُوْنَ ﴿٣٥﴾ ع

پوءِ گنهگار قوم کان سواءِ ڪنهن کي هلاڪ نہ ڪيو ويندو ﴿٣٥﴾

رُكُوْعَاتُهَا ٤ (٤٧) سُوْرَةُ مُحَمَّدٍ مَّدَنِيَّةٌ (٩٥) اٰيَاتُهَا ٣٨

سورة محمد مدني آهي. هن ۾ اٺٽيهه آيتون ۽ چار رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

عزت ۽ عظمت جي مالڪ الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عام ۽ خاص کي روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ ① وَ

جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ (ٻين کي) الله جي واٽ (اسلام) کان روڪيائون، (الله) انهن جا عمل ڇٽ ڪري ڇڏيا ① ۽ جن ايمان

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاٰمَنُوْا بِمَا نُزِّلَ عَلٰى مُحَمَّدٍ

آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ محمد (ﷺ جن) تي نازل ڪيل (قرآن) تي ايمان آندائون ۽ اهو سندن ربّ جي طرفان برحق

وَّهُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۙ كَفَّرَ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَاَصْلَحَ بَالَهُمْ ②

آهي، (الله تعاليٰ) انهن جون مدايون مِٽائي (۽ مَٽائي) ڇڏيون ۽ سندن حال کي سڌاري ڇڏيائين ②

ذٰلِكَ بِاَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوا اتَّبَعُوا الْبَاطِلَ وَاَنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّبَعُوا

اهو هن ڪري آهي ته جن ڪفر ڪيو، تن باطل (۽ شيطان) جي پيروي ڪئي ۽ هي ۽ ته جن ماڻهن ايمان آندو، تن پنهنجي

الْحَقَّ مِنْ رَّبِّهِمْ ؕ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ اَمْثَالَهُمْ ③ فَاِذَا

ربّ جي طرفان (آيل) حقّ (يعني قرآن) جي پيروي ڪئي. اهڙيءَ طرح الله ماڻهن لاءِ مثال بيان ڪري ٿو ③ پوءِ جڏهن

لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَضَرْبَ الرِّقَابِ ؕ حَتّٰٓى اِذَآ اَثْخَنْتُمُوْهُمْ

توهان جو ڪافرن سان مقابلو ٿئي ته سندن سسيون لاهيو، تانجو جڏهن چڱيءَ طرح سندن رتوڇاڻ ڪري چڪو ته

فَشُدُّوا الْوَثَاقَ ۙ فَاِمَّا مَنًّۢا بَعْدُ وَاِمَّا فِدَآءً حَتّٰى تَضَعَ الْحَرْبُ

پوءِ قيدين کي پڪڙي ٻڌي ڇڏيو. پوءِ (انهن کي) احسان ڪندي ڇڏي ڏيو يا (انهن کان) فديو وٺو، ايستائين جو جنگ

اَوۡزَارَهَا ۛۚ ذٰلِكَ ۛ ؕ وَلَوۡ يَشَآءُ اللّٰهُ لَانۡتَصَرَ مِنۡهُمۡ ۙ وَلٰكِنۡ

پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري. ائين ٿي (ڪريو، جيئن چيوسون) ۽ جيڪڏهن الله گهري ته انهن کان (جنگ کان سواءِ به) بدلو وٺي

لِّيَبۡلُوَا۟ بَعۡضَكُمۡ بِبَعۡضٍ ؕ وَالَّذِيۡنَ قُتِلُوۡا فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ فَلَنۡ

۽ پر الله گهري ٿو ته توهان کي هڪ ٻئي سان آزمائي ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ شهيد ڪيا ويا آهن، الله انهن جا عملَ

يُّضِلَّ اَعۡمَالَهُمۡ ﴿۴﴾ سَيَهۡدِيۡهِمۡ وَيُصۡلِحُ بَالَهُمۡ ﴿۵﴾ ۚ وَيُدۡخِلُهُمُ

هرگز ضايع نه ڪندو ﴿۴﴾ سگهوئي (انهن کي دنيا ۾ الله ۽ رسول ﷺ جي فرمانبرداريءَ جي توفيق ڏئي)، ڪين سڌي واٽ وٺائيندو ۽

(آخرت ۾ سندن درجا بلند ڪندو ۽ ٻنهي جهانن ۾) سندن حال کي سڌاريندو ﴿۵﴾ ۽ جيڪا جنت ڪين ڄاڻائي اٿس، سگهوئي ڪين ان

الۡجَنَّةَ عَرَّفَهَا لَهُمۡ ﴿۶﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنۡ تَنۡصُرُوا اللّٰهَ يَنۡصُرۡكُمۡ

ان ۾ داخل ڪندو ﴿۶﴾ اي ايمان وارو! جيڪڏهن توهان الله جي مدد ڪندا ته الله توهان جي مدد ڪندو ۽ (جنگ ۾) توهان

وَيُثَبِّتۡ اَقۡدَامَكُمۡ ﴿۷﴾ وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا فَتَعۡسًا لَّهُمۡ وَاَضَلَّ

کي ثابت قدم رکندو ﴿۷﴾ ۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو، تن لاءِ (ذلت ۽) هلاڪت آهي ۽ (الله) انهن جا عمل ضايع ڪري

اَعۡمَالَهُمۡ ﴿۸﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ كَرِهُوۡا مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ فَاَحۡبَطَ اَعۡمَالَهُمۡ ﴿۹﴾

ڇڏيا ﴿۸﴾ اهو هن ڪري آهي ته انهن (قرآن کي) ناپسند ڪيو، جنهن کي الله نازل ڪيو، پوءِ سندن عمل ڇٽ ڪري ڇڏيائين ﴿۹﴾

اَفَلَمۡ يَسِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَيَنۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيۡنَ مِنۡ

ڇا پوءِ زمين ۾ گهمي ڦري نٿا ڏسن ته جيڪي (ڪافر) انهن کان اڳ هئا، تن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ الله ڪين (۽ سندن ٻارن

قَبۡلِهِمۡ ؕ دَمَّرَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ ۫ وَلِلۡكٰفِرِيۡنَ اَمۡثَالُهَا ﴿۱۰﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ

ٻچن ۽ مال ملڪيت) کي ناس ڪري ڇڏيو ۽ ڪافرن لاءِ اهڙيون ئي (سزائون) آهن ﴿۱۰﴾ اها (مؤمنن جي مدد ۽ ڪافرن تي

مَوۡلَى الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَاَنَّ الۡكٰفِرِيۡنَ لَا مَوۡلٰى لَهُمۡ ﴿۱۱﴾ ۧ اِنَّ اللّٰهَ ع

ڏمر) هن ڪري آهي ته الله ايمان وارن جو دوست ۽ مددگار آهي ۽ ڪافرن جو ڪوبه دوست ۽ مددگار نه آهي ﴿۱۱﴾ بيشڪ جن

مع ع وقد يبتدأ بقوله ذٰلك ط ولكن حسن اتصاله بما قبله ويوقف على ذٰلك ط عند المتقدمين ١٢

يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا

ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، الله انهن کي جنتن ۾ داخل ڪندو. جن (جي وڻن ۽ محلات) جي هيٺان نهرون

الْاَنْهٰرُ ۭ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَتَمَتَّعُوْنَ وَيَاْكُلُوْنَ كَمَا تَاْكُلُ الْاَنْعَامُ وَ

وهي رهيون آهن ۽ جن ڪفر ڪيو، سي جانورن وانگر عيش عشرت ڪري رهيا آهن ۽ کائي پي رهيا آهن ۽ انهن جي رهڻ

النَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ ⑫ وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ هِيَ اَشَدُّ قُوَّةً مِّنْ قَرْيَتِكَ

جي جاءِ جهنم آهي ⑫ ۽ جنهن ڳوٺ توکي ڪيڍي ڇڏيو آهي، اسان انهن کان وڌيڪ سگهارا ڪيترا ڳوٺ هلاڪ ڪري چڪا

الَّتِيْٓ اَخْرَجَتْكَ ۚ اَهْلَكْنٰهُمْ فَلَا نَاصِرَ لَهُمْ ⑬ اَفَمَنْ كَانَ عَلٰي بَيِّنَةٍ مِّنْ

آهيون، پوءِ ڪو بہ سندن مددگار نہ هو ⑬ ڇا پوءِ جيڪو شخص پنهنجي ربّ جي طرفان پڌري دليل تي آهي، اهو انهيءَ

رَّبِّهٖ كَمَنْ زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ وَاتَّبَعُوْٓا اَهْوَاۗءَهُمْ ⑭ مَثَلُ الْجَنَّةِ

شخص وانگر آهي، جنهن لاءِ سندس (بڇڙا) عمل سينگاريا ويا آهن ۽ انهن پنهنجين خواهشن جي پيروي ڪئي؟ ⑭ جنهن

الَّتِيْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ۭ فِيْهَآ اَنْهٰرٌ مِّنْ مَّاۗءٍ غَيْرِ اٰسِنٍ ۚ وَاَنْهٰرٌ مِّنْ

جنت جو پرهيزگارن سان وعدو ڪيو ويو آهي، تنهن جي صفت هيءَ آهي تہ منجهس سنئي پاڻيءَ جون نهرون ۽

لَّبَنٍ لَّمْ يَتَغَيَّرْ طَعْمُهٗ ۚ وَاَنْهٰرٌ مِّنْ خَمْرٍ لَّذَّةٍ لِّلشّٰرِبِيْنَ ڬ وَاَنْهٰرٌ

کير جون نهرون آهن، جنهن جو ذائقو ڪڏهن بہ خراب نہ ٿيندو ۽ پيئندڙن لاءِ مزيدار شراب جون نهرون ۽ صاف شفاف

مِّنْ عَسَلٍ مُّصَفًّى ۭ وَلَهُمْ فِيْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ وَمَغْفِرَةٌ

ماکيءَ جون نهرون آهن ۽ انهن لاءِ منجهس هر قسم جا ميوا ۽ سندن (پاڪ) ربّ جي بخشش آهي. (ڇا اهي ماڻهو

مِّنْ رَّبِّهِمْ ۭ كَمَنْ هُوَ خَالِدٌ فِي النَّارِ وَسُقُوْا مَاۗءً حَمِيْمًا فَقَطَّعَ

انهن وانگر آهن)، جيڪي سدائين دوزخ ۾ رهڻ وارا آهن ۽ کين ٽهڪندڙ پاڻي پياريو ويندو، پوءِ سندن آنڊن کي

اَمۡعَآءَهُمۡ ﴿۱۵﴾ وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّسۡتَمِعُ اِلَيۡكَ ۚ حَتّٰۤى اِذَا خَرَجُوۡا مِنۡ

تڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندو ⑮ ۽ (منافقن) مان ڪو تنهنجي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تو ڏانهن توجّه ڏئي ٿو، تانجو جڏهن اهي تو وٽان

عِنۡدِكَ قَالُوۡا لِلَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ مَاذَا قَالَ اٰنِفًا ۡ قف اُولٰٓئِكَ

نڪرن ٿا تہ (نئول وچان) علم وارن کان پڇن ٿا تہ (پيغمبر ﷺ) هاڻي ڇا چيو؟ اهي ئي ماڻهو آهن، جن جي دلين

الَّذِيۡنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوۡبِهِمۡ وَاتَّبَعُوۡۤا اَهۡوَآءَهُمۡ ﴿۱۶﴾ وَالَّذِيۡنَ

تي الله تعاليٰ مهر هڻي ڇڏي آهي ۽ انهن پنهنجين خواهشن جي پيروي ڪئي ⑯ ۽ جن ماڻهن هدايت اختيار

اهۡتَدَوۡا زَادَهُمۡ هُدًى وَّاٰتٰهُمۡ تَقۡوٰىهُمۡ ﴿۱۷﴾ فَهَلۡ يَنۡظُرُوۡنَ اِلَّا

ڪئي، الله کين هدايت ۾ وڌايو ۽ کين پرهيزگاري عطا ڪيائين ⑰ (ڪافر) رڳو قيامت جو انتظار ڪن ٿا تہ اها مٿن

السَّاعَةَ اَنۡ تَاۡتِيَهُمۡ بَغۡتَةً ۚ فَقَدۡ جَآءَ اَشۡرَاطُهَا ۚ فَاَنّٰى لَهُمۡ

اوچتي اچي. پوءِ بيشڪ ان جون (نشانيون ۽) شرط اچي چڪا (جهڙوڪ نبي ﷺ جن جي ختم نبوت وغيره) پوءِ

اِذَا جَآءَتۡهُمۡ ذِكۡرٰىهُمۡ ﴿۱۸﴾ فَاعۡلَمۡ اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاسۡتَغۡفِرۡ

جڏهن وٽن قيامت ايندي تہ کين نصيحت ڪٿان حاصل ٿيندي ؟ ⑱ پوءِ ڄاڻ تہ الله اڪيلو معبود آهي ۽ پنهنجي

لِذَنۡۢبِكَ وَلِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَالۡمُؤۡمِنٰتِ ؕ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ مُتَقَلَّبَكُمۡ وَ

گناهہ ۽ مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن لاءِ بخشش گهر ۽ الله ئي توهان جي اچ وڃ جي جاءِ ۽ توهان جي رهڻ جي

٢ ع ٨ ٢ مَثۡوٰىكُمۡ ﴿۱۹﴾ ع وَيَقُوۡلُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَوۡلَا نُزِّلَتۡ سُوۡرَةٌ ۚ فَاِذَاۤ

جاءِ (۽ عملن ۽ حالتن يا ملڪن ۾ مَتاسَتا ۽ ماءُ رحم جي اندر جي حالتن) کي ڄاڻي ٿو ⑲ ۽ جن ماڻهن ايمان آندو، اهي چون ٿا تہ
انهيءَ (پيغمبر ﷺ) تي (جهاد جي باري ۾) ڪا سورت ڇو نہ ٿي لاٿي وڃي؟ پوءِ جڏهن هڪڙي محڪم سورت لاٿي وئي ۽ ان ۾ جنگ (۽

اُنۡزِلَتۡ سُوۡرَةٌ مُّحۡكَمَةٌ وَّذُكِرَ فِيۡهَا الۡقِتَالُ ۙ رَاَيۡتَ الَّذِيۡنَ فِىۡ

جهاد جي فرضيت جو) ذڪر ڪيو ويو تہ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) جن جي دلين ۾ (شڪ ۽ نفاق جي) بيماري آهي، تن کي پاڻ ڏانهن

قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يَّنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ نَظَرَ الْمَغْشِيِّ عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ ؕ

(سخت دشمني ۽ خوف وچان) انهيءَ شخص وانگر نهاريندي ڏسين ٿو، جيڪو موت جي سختيءَ سبب بيهوشيءَ ۾

فَاَوْلٰى لَهُمْ ﴿٢٠﴾ طَاعَةٌ وَّقَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ ۫ فَاِذَا عَزَمَ الْاَمْرُ ۫ فَلَوْ

هجي، پوءِ سندن لاءِ خرابي آهي ﴿٢٠﴾ (الله جي) فرمانبرداري ڪرڻ ۽ چڱي ڳالهه چوڻ چڱو ڪم آهي. پوءِ جڏهن جهاد

صَدَقُوا اللّٰهَ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ﴿٢١﴾ فَهَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ تَوَلَّيْتُمْ اَنْ

جو پڪو ارادو ٿئي تہ جيڪڏهن الله سان (ايمان ۽ فرمانبرداريءَ ۾) سچا رهن تہ سندن لاءِ چڱو آهي ﴿٢١﴾ پوءِ ويجهو آهي تہ

تُفْسِدُوْا فِى الْاَرْضِ وَتُقَطِّعُوْٓا اَرْحَامَكُمْ ﴿٢٢﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ

(اي قريشيو يا اي خارجيو!) جيڪڏهن توهان (دين کان منهن موڙيو) يا حاڪم ٿيو تہ زمين ۾ (نافرماني ڪري ۽ ڦيٽهڙو وجهي) فساد
ڦهلايو ۽ (خونريزي ۽ نافرماني ڪندي) مِٽيون ڇنو ﴿٢٢﴾ اهي ئي ماڻهو آهن، جن تي الله لعنت ڪئي، پوءِ ڪين (حق ٻڌڻ کان) ٻوڙو (۽

اللّٰهُ فَاَصَمَّهُمْ وَاَعْمٰٓى اَبْصَارَهُمْ ﴿٢٣﴾ اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ اَمْ

هدايت جي واٽ ڏسڻ کان) انڌو ڪري ڇڏيائين ﴿٢٣﴾ ڇا پوءِ قرآن ۾ غور نٿا ڪن (جو ان جي نصيحت کي قبول ڪن)، يا انهن

عَلٰى قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا ﴿٢٤﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ ارْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ

(منافقن) جي دلين تي قلف آهن ﴿٢٤﴾ بيشڪ جن ماڻهن (يعني ڪتاب وارن، يهودين، عيسائين ۽ ڪافرن) پاڻ وٽ (توريت ۽ انجيل

مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدَى ۙ الشَّيْطٰنُ سَوَّلَ لَهُمْ ؕ وَاَمْلٰى لَهُمْ ﴿٢٥﴾ ذٰلِكَ

وغيره جي) پڌري هدايت جي اچڻ کان پوءِ بہ پٺي ڦيرائي (۽ حضرت محمد ﷺ کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪيائون)، انهن کي شيطان
(سندن ڪم) چڱا ڪري ڏيکاريا ۽ اهو ڪين آسرا ڏي ٿو ﴿٢٥﴾ سندن اها (گمراهي) هن ڪري آهي تہ (مشرڪ) جيڪي الله جي لاٿل (قرآن ڪريم)

بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لِلَّذِيْنَ كَرِهُوْا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ سَنُطِيْعُكُمْ فِىْ بَعْضِ

کي پسند نٿا ڪن، اهي اُنهن کي چون ٿا تہ سگهوئي اسين بعض ڪمن ۾ (يعني حضرت محمد ﷺ جن جي دشمنيءَ ۾)

الْاَمْرِ ۚ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اِسْرَارَهُمْ ﴿٢٦﴾ فَكَيْفَ اِذَا تَوَفَّتْهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ

توهان جي پيروي ڪنداسون ۽ الله سندن ڳجهين ڳالهين کي ڄاڻي ٿو ﴿٢٦﴾ پوءِ (ان وقت سندن حال) ڪهڙو ٿيندو، جڏهن

يَضۡرِبُونَ وُجُوهَهُمۡ وَأَدۡبَٰرَهُمۡ ٢٧ ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمُ ٱتَّبَعُواْ مَآ أَسۡخَطَ

فرشتا سندن ساهہ ڪيندا ۽ سندن منهن کي ۽ سندن پُٺين کي ماريندا ڪُٽيندا ٢٧ اهو هن ڪري آهي تہ انهن (ڪافرن

ٱللَّهَ وَكَرِهُواْ رِضۡوَٰنَهُۥ فَأَحۡبَطَ أَعۡمَٰلَهُمۡ ٢٨ ع أَمۡ حَسِبَ ٱلَّذِينَ فِي

انهيءَ مشرڪانہ دين) جي پيروي ڪئي، جنهن ڪان الله ناراض آهي ۽ انهن الله جي رضامنديءَ (وارن ڪمن) کي ناپسند ڪيو. پوءِ
(الله) سندن عملَ ناس ڪري ڇڏيا ٢٨ ڇا جن ماڻهن جي دلين ۾ (شڪ ۽ منافقت جي) بيماري آهي، اهي گمان ڪري رهيا آهن تہ الله

قُلُوبِهِم مَّرَضٌ أَن لَّن يُخۡرِجَ ٱللَّهُ أَضۡغَٰنَهُمۡ ٢٩ وَلَوۡ نَشَآءُ

(پنهنجي پيغمبر ﷺ ۽ ايمان وارن جي سامهون) سندن راز پڌرا نہ ڪندو؟ ٢٩ ۽ جيڪڏهن اسين گهرون تہ ضرور

لَأَرَيۡنَٰكَهُمۡ فَلَعَرَفۡتَهُم بِسِيمَٰهُمۡ ط وَلَتَعۡرِفَنَّهُمۡ فِي لَحۡنِ ٱلۡقَوۡلِ ط

تو کي اهي ماڻهو ڏيکاريون، پوءِ سندن پيشانين مان ڪين سڃاڻندين ۽ ضرور ڪين ڳالهائڻ جي لهجي مان بہ

وَٱللَّهُ يَعۡلَمُ أَعۡمَٰلَكُمۡ ٣٠ وَلَنَبۡلُوَنَّكُمۡ حَتَّىٰ نَعۡلَمَ ٱلۡمُجَٰهِدِينَ

سڃاڻندين ۽ الله توهان جي ڪمن کي ڄاڻي ٿو ٣٠ ۽ ضرور توهان کي آزمائينداسون، تانجو توهان مان جهاد

مِنكُمۡ وَٱلصَّٰبِرِينَ لا وَنَبۡلُوَاْ أَخۡبَارَكُمۡ ٣١ إِنَّ ٱلَّذِينَ كَفَرُواْ

ڪندڙن ۽ صبر ڪندڙن کي ڄاڻون ۽ توهان جي (ڳجهين حالتن ۽) خبرن جي پرک لهون ٣١ بيشڪ جن ماڻهن ڪفر

وَصَدُّواْ عَن سَبِيلِ ٱللَّهِ وَشَآقُّواْ ٱلرَّسُولَ مِنۢ بَعۡدِ مَا تَبَيَّنَ

ڪيو ۽ الله جي واٽ کان روڪيائون ۽ هدايت جي پڌري ٿيڻ کان پوءِ پيغمبر (سڳوري ﷺ) جي مخالفت

لَهُمُ ٱلۡهُدَىٰ لا لَن يَضُرُّواْ ٱللَّهَ شَيۡـٔٗا ط وَسَيُحۡبِطُ أَعۡمَٰلَهُمۡ ٣٢

ڪيائون، اهي الله کي هرگز ڪجهه بہ نقصان نہ ڏيندا ۽ (الله) سگهوئي سندن عمل ڇٽ ڪري ڇڏيندو ٣٢

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓاْ أَطِيعُواْ ٱللَّهَ وَأَطِيعُواْ ٱلرَّسُولَ وَلَا تُبۡطِلُوٓاْ

اي ايمان وارو! فرمانبرداري ڪريو، الله جي ۽ فرمانبرداري ڪريو رسول جي ۽ (نيت خراب ڪري، رسول (الله ﷺ) تي

اَعۡمَالَکُمۡ ﴿٣٣﴾ اِنَّ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا وَصَدُّوۡا عَنۡ سَبِیۡلِ اللّٰہِ ثُمَّ

احسان ڄاڻائي ۽ پاڻ کي پڏائي) پنهنجا عمل ضايع نہ ڪريو ﴿٣٣﴾ بيشڪ جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ الله جي واٽ کان

مَاتُوۡا وَھُمۡ کُفَّارٌ فَلَنۡ یَّغۡفِرَ اللّٰہُ لَھُمۡ ﴿٣٤﴾ فَلَا تَھِنُوۡا وَتَدۡعُوۡۤا اِلَی

(ماڻهن کي) روڪيائون، پوءِ اهي هن حالت ۾ مري ويا جو اهي ڪافر آهن، تہ (الله تعاليٰ) هرگز انهن جي مغفرت نہ فرمائيندو ﴿٣٤﴾
پوءِ توهان ڪمزوري نہ ڏيکاريو ۽ (انهن ڪافرن کي) صلح جي لاءِ (نہ) سڏيو، (جن سان توهان جي جنگ هلي رهي

السَّلۡمِ ٭ۖ وَاَنۡتُمُ الۡاَعۡلَوۡنَ ٭ۖ وَاللّٰہُ مَعَکُمۡ وَلَنۡ یَّتِرَکُمۡ اَعۡمَالَکُمۡ ﴿٣٥﴾

آهي) ۽ توهان ئي غالب آهيو ۽ الله (مدد ڪرڻ لاءِ) توهان سان گڏ آهي ۽ هرگز توهان جا عمل ضايع نہ ڪندو ﴿٣٥﴾

اِنَّمَا الۡحَیٰوۃُ الدُّنۡیَا لَعِبٌ وَّلَھۡوٌ ؕ وَاِنۡ تُؤۡمِنُوۡا وَتَتَّقُوۡا یُؤۡتِکُمۡ

درحقيقت دنيا جي زندگي راند ۽ تماشو آهي ۽ جيڪڏهن توهان ايمان آڻيندا ۽ پرهيزگاري ڪندا (تہ الله) توهان

اُجُوۡرَکُمۡ وَلَا یَسۡـَٔلۡکُمۡ اَمۡوَالَکُمۡ ﴿٣٦﴾ اِنۡ یَّسۡـَٔلۡکُمُوۡھَا فَیُحۡفِکُمۡ

کي (توهان جي عملن جو) اجر ڏيندو ۽ توهان کان توهان جا مال (زڪوٰة کان سواءِ) نہ گهرندو ﴿٣٦﴾ جيڪڏهن توهان کان (توهان جا
سمورا) مال گهرندو، پوءِ (ان ڏس ۾) توهان تي سختي ڪندو تہ توهان بخيلي ڪندا ۽ توهان جون نيتون ظاهر ڪندو ﴿٣٧﴾ توهان ئي

تَبۡخَلُوۡا وَیُخۡرِجۡ اَضۡغَانَکُمۡ ﴿٣٧﴾ ھٰۤاَنۡتُمۡ ھٰۤؤُلَآءِ تُدۡعَوۡنَ لِتُنۡفِقُوۡا

اهي ماڻهو آهيو، جن کي الله جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ سڏجي ٿو، پوءِ توهان مان ڪو بخيلي ڪري ٿو ۽ جيڪو (صدقه وغيره جي
ڏيڻ ۾) بخيلي ڪندو، سو دراصل پنهنجي نفس جي حقّ ۾ بخيلي ڪندو، (ڇاڪاڻ تہ پاڻ ئي ان جي ثواب کان محروم ٿيندو.)

فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰہِ ۚ فَمِنۡکُمۡ مَّنۡ یَّبۡخَلُ ۚ وَمَنۡ یَّبۡخَلۡ فَاِنَّمَا یَبۡخَلُ

۽ الله تعاليٰ (توهان جي صدقن کان) بي پرواه آهي ۽ توهان (سندس) محتاج آهيو ۽ جيڪڏهن توهان (اي ڪتاب

عَنۡ نَّفۡسِہٖ ؕ وَاللّٰہُ الۡغَنِیُّ وَاَنۡتُمُ الۡفُقَرَآءُ ۚ وَاِنۡ تَتَوَلَّوۡا

وارو! پيغمبر ﷺ جي فرمانبرداريءَ کان) منهن موڙيندا تہ توهان جي جاءِ تي الله اهڙا ماڻهو (يعني فارس وارا)

یَسۡتَبۡدِلۡ قَوۡمًا غَیۡرَکُمۡ ۙ ثُمَّ لَا یَکُوۡنُوۡۤا اَمۡثَالَکُمۡ ﴿٣٨﴾ ع ٨/٤

آڻيندو، پوءِ اهي توهان جهڙا نہ هوندا (يعني توهان کان وڌيڪ فرمانبردار هوندا.) ﴿٣٨﴾

(٤٨) سُوْرَةُ الْفَتْحِ مَدَنِيَّةٌ (١١١) اٰيَاتُهَا ٢٩ رُكُوْعَاتُهَا ٤

سورة الفتح مدني آهي. هن ۾ اٺتيهه آيتون ۽ چار رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا ۝١ لِّيَغْفِرَ لَكَ اللّٰهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ

بيشڪ (اي محمد ﷺ!) اسان توکي فتح ڏني، پڌري فتح ① (يعني صلح حديبيه جي فتح، جيڪو فتح مڪي جي

ذَنْۢبِكَ وَمَا تَاَخَّرَ وَيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكَ وَيَهْدِيَكَ صِرَاطًا

شروعات ثابت ٿيو)، جيئن الله تنهنجا اڳيان ۽ پويان گناهه بخشي ۽ توتي پنهنجي نعمت پوري ڪري ۽ توکي سڌي

مُّسْتَقِيْمًا ۝٢ وَّيَنْصُرَكَ اللّٰهُ نَصْرًا عَزِيْزًا ۝٣ هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ

واٽ ڏيکاري ② ۽ الله توکي مدد بخشي، زبردست مدد ③ اهو الله ئي آهي، جنهن مؤمنن جي دلين

فِيْ قُلُوْبِ الْمُؤْمِنِيْنَ لِيَزْدَادُوْٓا اِيْمَانًا مَّعَ اِيْمَانِهِمْ ۭ وَلِلّٰهِ جُنُوْدُ

تي آرام ۽ سڪون لاٿو، جيئن انهن جو ايمان مٿان ايمان وڌي ۽ آسمانن ۽ زمين جا لشڪر الله جا ئي

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ۝٤ لِّيُدْخِلَ الْمُؤْمِنِيْنَ

آهن ۽ الله علم وارو (۽) حڪمت وارو آهي ④ جيئن مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي انهن

وَالْمُؤْمِنٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَيُكَفِّرَ

باغن ۾ داخل ڪري، جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. اهي سدائين انهن ۾ رهڻ وارا آهن

عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ ۭ وَكَانَ ذٰلِكَ عِنْدَ اللّٰهِ فَوْزًا عَظِيْمًا ۝٥ وَّ

۽ (جيئن) انهن جي گناهن کي ميٽائي (۽ نيڪين ۾ مٽائي) ۽ اها ئي الله وٽ وڏي ڪاميابي آهي ⑤ ۽ الله

يُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْمُشْرِكِيْنَ وَالْمُشْرِكٰتِ الظَّآنِّيْنَ

تعاليٰ جي باري ۾ بدگماني رکندڙ منافق مردن ۽ منافق عورتن ۽ مشرڪ مردن ۽ مشرڪ عورتن

بِاللّٰهِ ظَنَّ السَّوْءِ ۭ عَلَيْهِمْ دَآئِرَةُ السَّوْءِ ۚ وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ

کي عذاب ڏي. انهن جي مٿان مار پوي ۽ الله انهن تي قهر ڪيو ۽ انهن تي لعنت ڪيائين

وَلَعَنَهُمْ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَهَنَّمَ ۭ وَسَآءَتْ مَصِيْرًا ۝ وَلِلّٰهِ جُنُوْدُ

۽ انهن جي لاءِ دوزخ تيار ڪيائين ۽ اها موٽڻ جي ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ⑥ ۽ آسمانن ۽ زمين جا لشڪر

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ۝ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ

الله جا ئي آهن ۽ الله غالب، حڪمت وارو آهي ⑦ (اي محمد ﷺ!) بيشڪ اسان توکي شاهدي ڏيندڙ،

شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ۝ لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتُعَزِّرُوْهُ

خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ رسول ڪري موڪليو آهي ⑧ جيئن الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو ۽ سندس مدد

وَتُوَقِّرُوْهُ ۭ وَتُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ۝ اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ

ڪريو ۽ سندس عزت ڪريو ۽ صبح ۽ شام الله جي تسبيح ڪريو ⑨ بيشڪ جيڪي ماڻهو توسان بيعت ڪري رهيا آهن،

اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ ۭ يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ ۚ فَمَنْ نَّكَثَ فَاِنَّمَا

دراصل اهي الله سان بيعت ڪري رهيا آهن. سندن هٿن جي مٿان الله جو هٿ آهي. پوءِ جنهن عهد کي ٽوڙيو،

يَنْكُثُ عَلٰي نَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ اَوْفٰى بِمَا عٰهَدَ عَلَيْهُ اللّٰهَ فَسَيُؤْتِيْهِ

ان جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جو وبال مٿس ئي آهي ۽ جيڪو الله سان ڪيل عهد کي پورو ڪندو، تنهن کي (الله) سگهوئي

اَجْرًا عَظِيْمًا ۝ ع سَيَقُوْلُ لَكَ الْمُخَلَّفُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ شَغَلَتْنَآ ع

وڏو اجر ڏيندو ⑩ (اي پيغمبر ﷺ!) سگهوئي توکي پوئتي رهندڙ عرب ڳوٺاڻا چوندا ته اسان کي اسان جي مالن ۽

اَمْوَالُنَا وَاَهْلُوْنَا فَاسْتَغْفِرْ لَنَا ۚ يَقُوْلُوْنَ بِاَلْسِنَتِهِمْ مَّا لَيْسَ

گهر وارن (تنهنجي پيرويءَ کان) مشغول ڪري ڇڏيو، پوءِ اسان لاءِ (الله کان) بخشش گهر. پنهنجن واتن سان اها ڳالهه

فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۗ قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ لَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا اِنْ اَرَادَ بِكُمْ

چئي رهيا آهن، جيڪا سندن دلين ۾ نه آهي. (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته پوءِ توهان کي الله کان ڪير بچائيندو، جيڪڏهن

ضَرًّا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ نَفْعًا ۗ بَلْ كَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿١١﴾ بَلْ

اهو توهان کي نقصان ڏيڻ گهري يا فائدو ڏيڻ گهري؟ بلڪ جيڪي ڪم توهين ڪريو ٿا، الله انهن کان باخبر آهي ﴿١١﴾

ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّنْقَلِبَ الرَّسُوْلُ وَالْمُؤْمِنُوْنَ اِلٰٓى اَهْلِيْهِمْ اَبَدًا وَّ

بلڪ (اي منافقو!) توهان ڀانيو ته رسول (الله ﷺ جن) ۽ مؤمن هرگز پنهنجن گهر وارن ڏانهن نه موٽندا ۽ اها ڳالهه

زُيِّنَ ذٰلِكَ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَظَنَنْتُمْ ظَنَّ السَّوْءِ ۖۚ وَكُنْتُمْ قَوْمًاۢ بُوْرًا ﴿١٢﴾

توهان لاءِ توهان جي دلين ۾ سينگاري وئي ۽ توهان بڇڙو گمان ڪيو ۽ توهان هلاڪ ٿيل قوم آهيو ﴿١٢﴾

وَمَنْ لَّمْ يُؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ فَاِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ سَعِيْرًا ﴿١٣﴾

۽ جيڪو الله ۽ سندس رسول (ﷺ) تي ايمان نه آڻيندو، ته بيشڪ اسان ڪافرن لاءِ ڀڙڪندڙ باهه تيار ڪري ڇڏي آهي ﴿١٣﴾

وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۗ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ

آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله لاءِ آهي، جنهن کي گهري ٿو بخشي ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو عذاب ڪري ٿو ۽

يَّشَآءُ ۗ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٤﴾ سَيَقُوْلُ الْمُخَلَّفُوْنَ اِذَا انْطَلَقْتُمْ

الله مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ آهي ﴿١٤﴾ اجهو جڏهن توهان (خيبر جون) غنيمتون حاصل ڪرڻ لاءِ ويندا ته پوئتي رهندڙ

اِلٰى مَغَانِمَ لِتَاْخُذُوْهَا ذَرُوْنَا نَتَّبِعْكُمْ ۚ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّبَدِّلُوْا

(ڳوناٺا) چوندا ته اسان کي ڇڏيو ته توهان سان گڏجي (خيبر) هلون. گهرن ٿا ته (مؤمنن سان خيبر جي غنيمتن بابت

كَلٰمَ اللّٰهِ ؕ قُلْ لَّنْ تَتَّبِعُوْنَا كَذٰلِكُمْ قَالَ اللّٰهُ مِنْ قَبْلُ ۚ

ڪيل) الله جي وعدي کي بدلائي ڇڏين. (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته توهان هرگز اسان سان گڏجي نه هلندا. اهڙيءَ طرح الله

فَسَيَقُوْلُوْنَ بَلْ تَحْسُدُوْنَنَا ؕ بَلْ كَانُوْا لَا يَفْقَهُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۱۵﴾

اڳ ۾ چئي چڪو آهي. پوءِ سگهوئي چوندا ته بلڪ توهان اسان سان ساڙ ڪريو ٿا، بلڪ اهي گهٽ سمجهن ٿا ﴿۱۵﴾

قُلْ لِّلْمُخَلَّفِيْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ سَتُدْعَوْنَ اِلٰى قَوْمٍ اُولِيْ بَاْسٍ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) پوئتي رهندڙ ڳوٺاڻن کي فرماءِ ته سگهوئي توهان کي سخت ويڙهاڪ قوم (يعني فارس يا يمامه وارن سان

شَدِيْدٍ تُقَاتِلُوْنَهُمْ اَوْ يُسْلِمُوْنَ ۚ فَاِنْ تُطِيْعُوْا يُؤْتِكُمُ اللّٰهُ

ويڙهه لاءِ) سڏيو ويندو. انهن سان وڙهندو، يا اهي مسلمان ٿيندا. پوءِ جيڪڏهن توهان (جهاد جي سڏ جي) فرمانبرداري

اَجْرًا حَسَنًا ۚ وَاِنْ تَتَوَلَّوْا كَمَا تَوَلَّيْتُمْ مِّنْ قَبْلُ يُعَذِّبْكُمْ

ڪندا ته الله توهان کي چڱو اجر ڏيندو ۽ جيڪڏهن (ميدان جهاد کان) پٺي ڦيرائيندا، جيئن اڳ (حديبيه) ۾ پٺي ڦيرائي

عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿۱۶﴾ لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ

چڪا آهيو ته توهان کي ڏکوئيندڙ عذاب ڏيندو ﴿۱۶﴾ (جهاد کان پوئتي رهڻ ۾) نه انڌي تي گناه آهي ۽ نه منڊي تي گناه آهي

وَّلَا عَلَى الْمَرِيْضِ حَرَجٌ ؕ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ

۽ نه بيمار تي گناه آهي ۽ جيڪو شخص الله ۽ سندس رسول (ﷺ جن) جي فرمانبرداري ڪندو، تنهن کي (الله)

جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ وَمَنْ يَّتَوَلَّ يُعَذِّبْهُ

جنتن ۾ داخل فرمائيندو، جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن ۽ جيڪو منهن موڙيندو، تنهن کي اهو ڏکوئيندڙ عذاب

عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿۱۷﴾ ع لَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ

ڏيندو ﴿۱۷﴾ بيشڪ الله مؤمنن کان راضي ٿيو، جڏهن (ٻٻر جي) وڻ جي هيٺان توسان بيعت ڪري رهيا هئا. پوءِ الله

تَحْتَ الشَّجَرَةِ فَعَلِمَ مَا فِیْ قُلُوْبِهِمْ فَاَنْزَلَ السَّكِیْنَةَ عَلَیْهِمْ

سنڌن دلين (جي اخلاص ۽ سچائي) کي ڄاتي ورتو. پوءِ مٿن قلبي سڪون لاٿائين ۽ کين (خيبر جي) ويجهي

وَاَثَابَهُمْ فَتْحًا قَرِیْبًا ﴿۱۸﴾ وَّمَغَانِمَ كَثِیْرَةً یَّاْخُذُوْنَهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ

فتح انعام ۾ ڏنائين ⑱ ۽ گهڻيون غنيمتون (بہ نصيب ڪيائين)، جن کي اهي (جنگ خيبر ۾) حاصل ڪندا ۽ الله

عَزِیْزًا حَكِیْمًا ﴿۱۹﴾ وَعَدَكُمُ اللّٰهُ مَغَانِمَ كَثِیْرَةً تَاْخُذُوْنَهَا فَعَجَّلَ

غالب، حڪمت وارو آهي ⑲ الله توهان سان گهڻين غنيمتن جو وعدو ڪيو آهي، جيڪي توهان (اي مسلمانو! قيامت تائين) حاصل ڪندا رهندا. پوءِ توهان کي اها (خيبر جي غنيمت) جلد ڏنائين ۽ توهان کان ماڻهن جي هٿن کي روڪيائين، (جڏهن حديبيه

لَكُمْ هٰذِهٖ وَكَفَّ اَیْدِیَ النَّاسِ عَنْكُمْ ۚ وَلِتَكُوْنَ اٰیَةً لِّلْمُؤْمِنِیْنَ

ڏانهن وڃڻ وقت، انهن توهان تي حملي جو ارادو ڪيو.) جيئن (يهودين جي شڪست) مؤمنن لاءِ (نبي ڪريم ﷺ جن جي

وَیَهْدِیَكُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِیْمًا ﴿۲۰﴾ وَّ اُخْرٰی لَمْ تَقْدِرُوْا عَلَیْهَا قَدْ

سچائيءَ جي) نشاني ٿئي ۽ توهان کي سڌي واٽ ڏيکاري ⑳ ۽ (فارس ۽ روم جون) ٻيون غنيمتون، جن جي توهان ۾ سگهہ نہ

اَحَاطَ اللّٰهُ بِهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰی كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرًا ﴿۲۱﴾ وَلَوْ قٰتَلَكُمُ

آهي، اهي بہ الله (جي علم ۾) آهن (تہ توهان کي جلد حاصل ٿينديون) ۽ الله هر شيءِ تي وس وارو آهي ㉑ ۽ جيڪڏهن (مڪي

الَّذِیْنَ كَفَرُوْا لَوَلَّوُا الْاَدْبَارَ ثُمَّ لَا یَجِدُوْنَ وَلِیًّا وَّ لَا نَصِیْرًا ﴿۲۲﴾

جا) ڪافر توهان سان (حديبيه ۾) وڙهن ها تہ پٺي ڦيرائي ڀڄن ها، پوءِ (پنهنجي لاءِ) نہ ڪو ساٿي لهن ها ۽ نہ ڪو مددگار ㉒

سُنَّةَ اللّٰهِ الَّتِیْ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلُ ۖۚ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّةِ

اهو آهي الله جو طريقو، جيڪو اڳ گذري چڪو آهي (تہ الله پنهنجن دوستن جي مدد ڪندو آهي.) ۽ الله جي

اللّٰهِ تَبْدِیْلًا ﴿۲۳﴾ وَهُوَ الَّذِیْ كَفَّ اَیْدِیَهُمْ عَنْكُمْ وَاَیْدِیَكُمْ

طريقي ۾ ڪا تبديلي نہ لهندين ㉓ اهو الله ئي آهي، جنهن مڪي جي ماٿري (يعني حديبيه جي ميدان، يا

عَنْهُمْ بِبَطْنِ مَكَّةَ مِنْۢ بَعْدِ اَنْ اَظْفَرَكُمْ عَلَيْهِمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ

تنعيم) ۾ توهان کان سندن هٿن کي روڪيو (جڏهن قريش جي ستر ڄڻن توهان کي قيد ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو) ۽ توهان جي هٿن
کي انهن کان روڪيائين هن کان پوءِ جو توهان کي انهن تي سوڀ ڏنائين (۽ اهوئي صلح حديبيه جو سبب هو) ۽ جيڪي ڪم توهان

بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا ﴿٢٤﴾ هُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ

ڪريو ٿا، تن کي الله ڏسندڙ آهي ﴿٢٤﴾ اهي ئي آهن، جيڪي ڪافر ٿيا ۽ توهان کي مسجد حرام (جي زيارت) کان روڪيائون ۽

الْحَرَامِ وَالْهَدْيَ مَعْكُوْفًا اَنْ يَّبْلُغَ مَحِلَّهٗ ؕ وَلَوْلَا رِجَالٌ مُّؤْمِنُوْنَ

قربانيءَ لاءِ روڪيل جانورن کي پنهنجي جاءِ (يعني حرم ۾) پهچڻ نه ڏنائون ۽ جيڪڏهن مؤمن مرد ۽ مؤمن عورتون نه هجن

وَنِسَآءٌ مُّؤْمِنٰتٌ لَّمْ تَعْلَمُوْهُمْ اَنْ تَطَـُٔوْهُمْ فَتُصِيْبَكُمْ مِّنْهُمْ

ها، جن کي توهان نٿا ڄاڻو (ته ڪير آهن؟ متان) ڪين لتاڙي ڇڏيو، پوءِ بيخبريءَ ۾ انهن جي ڪري توهان کي گناهه پهچي ها

مَّعَرَّةٌۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۚ لِيُدْخِلَ اللّٰهُ فِيْ رَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۚ لَوْ

(جو ڪافر چون ها ته مسلمانن پنهنجن پائرن ئي کي ماري ڇڏيو! ته يقينًا توهان کي مڪي ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏيون ها)

تَزَيَّلُوْا لَعَذَّبْنَا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿٢٥﴾ اِذْ جَعَلَ

جيئن الله پنهنجي رحمت ۾ جنهن کي گهري داخل فرمائي. جيڪڏهن (ڪافر ۽ مؤمن) جدا جدا هجن ها ته ضرور انهن مان
ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب ڏيون ها ﴿٢٥﴾ (ياد ڪر) جڏهن ڪافرن جي دلين ۾ (مسلمانن جي خلاف عار ۽ ننگ ۽) جاهليت

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْحَمِيَّةَ حَمِيَّةَ الْجَاهِلِيَّةِ

جي حميت جوش ۾ آئي (ته توهان جي موجودگيءَ جي باوجود مسلمان مڪي ۾ ڪيئن داخل ٿيا؟) پوءِ

فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَاَلْزَمَهُمْ

الله پنهنجي رسول ۽ ايمان وارن تي سڪون لاٿو ۽ ڪين پرهيزگاريءَ جي ڳالهه تي قائم رکيائين (مراد آهي توحيد جو ڪلمو ۽
ايمان يا بسم الله الرحمٰن الرحيم من محمد رسول الله سان وفاداري ڪرڻ) ۽ اهي ان جا وڌيڪ حقدار ۽ لائق آهن (جيئن صلح

كَلِمَةَ التَّقْوٰى وَكَانُوْٓا اَحَقَّ بِهَا وَاَهْلَهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ

تي راضي ٿين، جنهن ۾ مصلحت ۽ حڪمت هئي ۽ ڪافرن وانگر حميت ڪين ان کان نه روڪي ۽ الله تعاليٰ هر شيءِ کي

ع ١٢

عَلِيْمًا ﴿٢٦﴾ لَقَدْ صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوْلَهُ الرُّءْيَا بِالْحَقِّ ۚ لَتَدْخُلُنَّ

چاڻندڙ آهي ﴿٢٦﴾ بيشڪ الله پنهنجي رسول (ﷺ) جي خواب کي سچو ڪري ڏيکاريو ته البت جيڪڏهن الله گهريو ته ضرور توهين مسجد
حرام (يعني بيت الله شريف) ۾ امن سان داخل ٿيندين، پنهنجا مٿا ڪوڙائيندي ۽ ڪترائيندي. (مڪي ۾ داخل ٿيڻوقت) توهان کي

الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ ۙ مُحَلِّقِيْنَ رُءُوْسَكُمْ

(هرگز ڪنهن جو) خوف نه ٿيندو. پوءِ (صلح جي مصلحت ۽ فتح مڪي جي تاخير ڪي) الله ڄاتو، جنهن کي توهان نٿا ڄاڻو. پوءِ

وَمُقَصِّرِيْنَ ۙ لَا تَخَافُوْنَ ۗ فَعَلِمَ مَا لَمْ تَعْلَمُوْا فَجَعَلَ مِنْ

(توهان کي مڪي جي فتح) کان اڳ (خيبر جي) ويجهي فتح ڏنائين (يا صلح حديبيه جي فتح مراد آهي، جنهن ۾ اڳي کان

دُوْنِ ذٰلِكَ فَتْحًا قَرِيْبًا ﴿٢٧﴾ هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى

وڌيڪ ماڻهن ايمان آندو ۽ اسلام کي وڌي طاقت نصيب ٿي.) ﴿٢٧﴾ اهو (الله) ئي آهي، جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچي

وَدِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ۗ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ۗ﴿٢٨﴾

دين سان موڪليو، جيئن ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري ۽ الله شاهد ڪافي آهي (ته پاڻ سڳورا ﷺ جن سچا پيغمبر آهن) ﴿٢٨﴾

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ۗ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗٓ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ

محمد (ﷺ) الله جو رسول آهي ۽ جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ آهن، اهي ڪافرن لاءِ سخت ۽ پاڻ ۾ رحمدل آهن. ڪين رڪوع ۽ سجدي

بَيْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانًا ز

۾ ڏسندين. الله جي فضل ۽ رضا کي طلب ڪن ٿا. سندن پيشانين ۾ سجدي جي اثر جي نشاني آهي (قيامت ۾ سندن پيشانين

سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ ۗ ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ ۚ صلے

جو نور، چوڏهين جي چنڊ کان وڌيڪ هوندو. (حضرت محمد ﷺ جن جي ساٿين جو) اهو مثال توريت ۾ آهي ۽ سندن اهو مثال

وَمَثَلُهُمْ فِي الْاِنْجِيْلِ ۚ قف كَزَرْعٍ اَخْرَجَ شَطْـَٔهٗ فَاٰزَرَهٗ فَاسْتَغْلَظَ

انجيل ۾ به آهي. اهي ان پوک وانگر آهن، جيڪا پنهنجا سلا ڪيندي آهي، پوءِ پنهنجا ڳنر مضبوط ڪندي آهي. پوءِ پنهنجن

معانقة ١٥ عند المتأخرين

فَاسْتَوٰى عَلٰى سُوْقِهٖ يُعْجِبُ الزُّرَّاعَ لِيَغِيْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ ؕ وَعَدَ

ڳنرن تي سڌي ٿي بيهندي آهي. هاريءَ کي چڱي لڳندي آهي، جيئن ان سان ڪافرن (۽ گمراهن) کي ڪاوڙائي. انهن مان

اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنْهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٢٩﴾ ع

جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون تن سان (يعني محمد ﷺ جي اصحابن سان) الله بخشش ۽ وڏي اجر جو وعدو ڪيو آهي ﴿٢٩﴾

(٤٩) سُوْرَةُ الْحُجُرٰتِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٦)

اٰيَاتُهَا ١٨ | رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة الحجرات مدني آهي. هن ۾ ارڙهن آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

عزت ۽ عظمت جي مالڪ الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاتَّقُوا

اي ايمان وارو! الله ۽ سندس رسول کان اڳرائي نه ڪريو (يعني ڪتاب ۽ سنت جي خلاف نه ڪريو) ۽ الله (جي فرمان جي

اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْۤا

مخالفت) کان ڊڄو، بيشڪ الله ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي ﴿١﴾ اي ايمان وارو! (واجب التعظيم) پيغمبر جي آواز کان پنهنجا

اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَلَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ

آواز وڏا نه ڪريو ۽ جيئن هڪ ٻئي کي ڏاڍيان سڏيندا آهيو، تيئن ڪيس ڏاڍيان نه سڏيو (يعني يا محمد! يا احمد! نه چوندا

بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ﴿٢﴾ اِنَّ

ڪريو، يا نبي الله ﷺ، يا رسول الله ﷺ! چوندا ڪريو) متان توهان جا عمل ڇٽ تين ۽ توهان کي ڄاڻ به نه هجي ﴿٢﴾

الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ

بيشڪ جيڪي ماڻهو الله جي رسول (ﷺ) جي سامهون پنهنجا آواز جهڪا رکن ٿا، اهي ئي ماڻهو آهن، جن

اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰىؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ عَظِيْمٌ ③ اِنَّ الَّذِيْنَ

دلين کي الله پرهيزگاريءَ لاءِ چونڊيو آهي. سندن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي ③ بيشڪ جيڪي ماڻهو توکي

يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَآءِ الْحُجُرٰتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ④ وَلَوْ

حجرن جي پويان سڏيندا آهن، انهن مان گهڻا عقل نٿا رکن ④ ۽ جيڪڏهن اهي صبر ڪن، ايستائين جو تون

اَنَّهُمْ صَبَرُوْا حَتّٰى تَخْرُجَ اِلَيْهِمْ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ

انهن وٽ نڪري اچين ته يقيناً اها ڳالهه سندن لاءِ وڌيڪ چڱي آهي ۽ الله مغفرت ڪندڙ، رحم ڪندڙ

رَّحِيْمٌ ⑤ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌۢ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْۤا

آهي ⑤ اي ايمان وارو! جيڪڏهن توهان وٽ ڪو فاسق ڪا خبر آڻي ته ڪنهن قوم کي نقصان پهچائڻ

اَنْ تُصِيْبُوْا قَوْمًۢا بِجَهَالَةٍ فَتُصْبِحُوْا عَلٰى مَا فَعَلْتُمْ نٰدِمِيْنَ ⑥ وَ

کان اڳ ان جي (سچي ۽ ڪوڙي هئڻ بابت) تحقيق ڪندا ڪريو، متان پنهنجي ڪم تي پشيمان ٿيو ⑥ ۽

اعْلَمُوْۤا اَنَّ فِيْكُمْ رَسُوْلَ اللّٰهِؕ لَوْ يُطِيْعُكُمْ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنَ الْاَمْرِ

ڄاڻو ته توهان ۾ الله جو رسول (ڪريم ﷺ) آهي. جيڪڏهن گهڻن ڪمن ۾ توهان جو چيو مڃي ته يقيناً توهان

لَعَنِتُّمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ الْاِيْمَانَ وَ زَيَّنَهٗ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَ

سڌي واٽ کان ڀٽڪي ويندا ۽ پر الله توهان لاءِ ايمان کي پيارو ڪيو ۽ ان کي توهان جي دلين ۾ سينگاري

كَرَّهَ اِلَيْكُمُ الْكُفْرَ وَالْفُسُوْقَ وَالْعِصْيَانَؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ

ڇڏيائين ۽ توهان لاءِ ڪفر ۽ گناه ۽ نافرمانيءَ کي ناپسند ڪيائين. اهي ئي ماڻهو سڌي رستي تي هلڻ

الرّٰشِدُوْنَ ⑦ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَنِعْمَةًؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ⑧

وارا آهن ⑦ (اهو) الله تعاليٰ جو فضل ۽ نعمت آهي ۽ الله علم وارو (۽) حڪمت وارو آهي ⑧

وَاِنْ طَآىِٕفَتٰنِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اقْتَتَلُوْا فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا ۚ

۽ جيڪڏهن مؤمنن جون ٻه ٽوليون پاڻ ۾ وڙهي پون ته منجهن صلح ڪرايو. پوءِ جيڪڏهن انهن مان

فَاِنْۢ بَغَتْ اِحْدٰىهُمَا عَلَى الْاُخْرٰى فَقَاتِلُوا الَّتِيْ تَبْغِيْ حَتّٰى تَفِيْٓءَ

هڪڙي ٽولي ٻيءَ تي (ناحق) ظلم ڪري ته انهيءَ ٽوليءَ سان وڙهو، جيڪا (ٻيءَ تي) ظلم ڪري رهي هجي.

اِلٰٓى اَمْرِ اللّٰهِ ۚ فَاِنْ فَآءَتْ فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا بِالْعَدْلِ وَ

پوءِ جيڪڏهن (ظلم ڪندڙ ٽولي) الله جي حڪم (يعني قرآن جي فيصلي) کي قبول ڪري ته ٻنهي ۾ انصاف

اَقْسِطُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ⑨ اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ

سان صلح ڪرايو ۽ عدل ڪريو، بيشڪ الله انصاف ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو ⑨ بيشڪ مؤمن پاڻ ۾

فَاَصْلِحُوْا بَيْنَ اَخَوَيْكُمْ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ⑩ ع يٰٓاَيُّهَا

ٻائر آهن، پوءِ پنهنجن ٻائرن ۾ صلح ڪرايو ۽ الله کان ڊڄو مَنَ توهان تي رحم ڪيو وڃي ⑩ اي ايمان

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا

وارو! (توهان مان) هڪڙا ٻين ماڻهن تي ٺٺوليون نه ڪن. ٿي سگهي ٿو ته (جن سان ٺٺوليون ڪجن ٿيون)، اهي

مِّنْهُمْ وَلَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰٓى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ ۚ وَلَا

انهن کان چڱا هجن ۽ نه ئي ڪي عورتون ٻين عورتن تي ٺٺوليون ڪن. ٿي سگهي ٿو ته (جن سان ٺٺوليون ڪجن

تَلْمِزُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَلَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ ؕ بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوْقُ

ٿيون) اهي انهن کان چڱيون هجن ۽ هڪ ٻئي جا عيب نه ڪڍو ۽ نه ئي (هڪ ٻئي کي) خراب لقبن سان سڏيو.

بَعْدَ الْاِيْمَانِ ۚ وَمَنْ لَّمْ يَتُبْ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ⑪

ايمان آڻڻ کان پوءِ خراب نالا ڏيڻ ڏاڍي بڇڙي (عادت) آهي ۽ جن ماڻهن توبه نه ڪئي ته پوءِ بيشڪ اهي ئي ظالم آهن ⑪

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ ۫ اِنَّ بَعْضَ

اي ايمان وارو! گهڻو گمان ڪرڻ کان بچو. بيشڪ ڪي گمان گناهه آهن ۽ هڪ ٻئي جي (ڳجهين ڳالهين

الظَّنِّ اِثْمٌ وَّلَا تَجَسَّسُوْا وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ

جي باري ۾) جاسوسي نه ڪريو ۽ هڪ ٻئي جي غيبت (گلا) نه ڪريو. ڇا توهان مان ڪو پسند ڪري ٿو ته پنهنجي

اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ

مئل ڀاءُ (جي لاش) جو گوشت کائي. ضرور توهان انهيءَ کي ناپسند ڪندا (تنهن ڪري گلا کان به نفرت ڪريو) ۽ الله

وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّا

کان ڊڄو، بيشڪ الله توبه قبول ڪندڙ، مهربان آهي ﴿١٢﴾ اي انسانو! بيشڪ اسان توهان کي هڪڙي مرد ۽ هڪڙي عورت

خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ وَّاُنْثٰى وَجَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّقَبَآئِلَ

مان پيدا ڪيو آهي (تنهن ڪري ماءُ پيءُ جي نسب جي ڪري، ڪنهن کي هڪ ٻئي تي فضيلت نه آهي) ۽

لِتَعَارَفُوْا ؕ اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ

اسان توهان کي ذاتين ۾ (ننڍين وڏن) قبيلن ۾ ورهايو آهي، ته جيئن (پاڻ ۾ فخر نه ڪريو، پر) هڪ ٻئي جي سڃاڻپ ڪري سگهو.
بيشڪ الله وٽ توهان مان وڏيڪ عزتدار اهو ئي آهي، جيڪو توهان ۾ سڀ کان وڏيڪ پرهيزگار آهي. بيشڪ الله علم وارو

خَبِيْرٌ ﴿١٣﴾ قَالَتِ الْاَعْرَابُ اٰمَنَّا ؕ قُلْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا وَلٰكِنْ قُوْلُوْٓا

باخبر آهي ﴿١٣﴾ ڳوٺاڻن چيو ته اسان ايمان آندو. (اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته توهان ايمان ناهي آندو، پر چئو ته اسلام

اَسْلَمْنَا وَلَمَّا يَدْخُلِ الْاِيْمَانُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَاِنْ تُطِيْعُوا

قبول ڪيوسون. ايمان ته اڃا توهان جي دلين ۾ داخل ئي ناهي ٿيو ۽ جيڪڏهن توهان (ظاهري ۽ باطني طرح)

اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَا يَلِتْكُمْ مِّنْ اَعْمَالِكُمْ شَيْئًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ

الله ۽ سندس رسول (ﷺ) جي پيروي ڪندا ته (الله) توهان کي عملن (جي اجر ڏيڻ) ۾ ڪا ڪمي ۽ ڪسر نه ڪندو.

غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤﴾ اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ

بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي ﴿١٤﴾ مؤمن تہ دراصل اهي ئي آهن، جن الله ۽ سندس رسول (ﷺ) تي

رَسُوْلِهٖ ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوْا وَ جٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ

ايمان آندو، پوءِ (ايمان جي باري ۾) ڪو شڪ نہ ڪيائون ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجين

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ ﴿١٥﴾ قُلْ اَتُعَلِّمُوْنَ

جانين سان جهاد ڪيائون. اهي ئي ماڻهو سچا آهن ﴿١٥﴾ (اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ تہ ڇا توهان الله کي

اللّٰهَ بِدِيْنِكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي

پنهنجي دين جي باري ۾ ڄاڻايو ٿا ؟ حالانڪ جيڪي ڪجھ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪجھ زمين ۾ آهي،

الْاَرْضِ ؕ وَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١٦﴾ يَمُنُّوْنَ عَلَيْكَ اَنْ

سو سڀ الله ڄاڻي ٿو ۽ الله هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي ﴿١٦﴾ (اي محمد ﷺ! ڳوناٺا) توتي احسان

اَسْلَمُوْا ؕ قُلْ لَّا تَمُنُّوْا عَلَيَّ اِسْلَامَكُمْ ۚ بَلِ اللّٰهُ يَمُنُّ

ڄاڻائين ٿا تہ انهن اسلام آندو. فرماءِ تہ مون تي پنهنجي اسلام آڻڻ جو احسان نہ ڄاڻايو، بلڪ الله تعاليٰ توهان تي

عَلَيْكُمْ اَنْ هَدٰىكُمْ لِلْاِيْمَانِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٧﴾ اِنَّ

پنهنجو احسان ڄاڻائي ٿو تہ توهان کي ايمان ڏانهن هدايت بخشيائين، جيڪڏهن توهان سچا آهيو ﴿١٧﴾ بيشڪ

اللّٰهَ يَعْلَمُ غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ اللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا

الله آسمانن ۽ زمين جي ڳجھ کي ٻہ ڄاڻي ٿو ۽ توهين جيڪي (ٻہ ڪم) ڪريو ٿا، تن کي الله

٢ ع ٨ ١٤

تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨﴾ ع

ڏسندڙ آهي ﴿١٨﴾

اٰيَاتُهَا ٤٥ (٥٠) سُوْرَةُ قٓ مَكِّيَّةٌ (٣٤) رُكُوْعَاتُهَا ٣

سورة قٓ مڪي آهي، منجهس پنجيتاليه آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحمت ڪندڙ آهي.

قٓ ۚ وَالْقُرْاٰنِ الْمَجِيْدِ ۚ ﴿١﴾ بَلْ عَجِبُوْٓا اَنْ جَآءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ

قٓ (ڪوه قاف) ۽ عزت واري قرآن جو قسم آهي (ضرور ڪين وري جياريو ويندو) ① بلڪ (مڪي جا ڪافرَ) تعجب ڪن ٿا تہ

فَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا شَيْءٌ عَجِيْبٌ ۚ ﴿٢﴾ ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا

وٽن انهن مان هڪ ڊيڄاريندڙ (پيغمبر) آيو. پوءِ ڪافرن چيو تہ هي (ڊيڄارڻ) هڪ عجيب شيءِ آهي ② ڇا جڏهن مري

تُرَابًا ۚ ذٰلِكَ رَجْعٌۢ بَعِيْدٌ ﴿٣﴾ قَدْ عَلِمْنَا مَا تَنْقُصُ الْاَرْضُ

مٽي ٿي ويندا سون تہ (پوءِ بہ جياريا ويندا سون؟) اهو ٻيهر جيارڻ (عقل کان) پري آهي ③ زمين انهن مان جيڪا

مِنْهُمْ ۚ وَعِنْدَنَا كِتٰبٌ حَفِيْظٌ ﴿٤﴾ بَلْ كَذَّبُوْا بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ

شيءِ گهٽائي ٿي (يعني جيڪي ساهوارا مرن ٿا)، بيشڪ ان کي ڄاڻون ٿا ۽ اسان وٽ حفاظت ڪندڙ هڪ ڪتاب (لوح محفوظ) آهي ④
بلڪ جڏهن وٽن حقّ (يعني قرآن) آيو تہ ان کي ڪوڙو ڪيائون، پوءِ اهي منجهيل ڪم ۾ آهن (جو پيغمبر ﷺ کي ڪڏهن جادوگر،

فَهُمْ فِيْٓ اَمْرٍ مَّرِيْجٍ ﴿٥﴾ اَفَلَمْ يَنْظُرُوْٓا اِلَى السَّمَآءِ فَوْقَهُمْ كَيْفَ

ڪڏهن شاعر، ڪڏهن ڀوپو، ڪڏهن سيڪاريل مجنون چون ٿا) ⑤ ڇا پنهنجي مٿان آسمان کي نٿا ڏسن، جنهن کي اسان

بَنَيْنٰهَا وَزَيَّنّٰهَا وَمَا لَهَا مِنْ فُرُوْجٍ ﴿٦﴾ وَالْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَ

(ري ٿنڀ، ري ٽوٽيءَ جي) قائم ڪيو ۽ ان کي (تارن سان) سينگاريوسون ۽ منجهس ڪو سوراخ نہ آهي ⑥ ۽ (پاڻيءَ جي

اَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍۢ بَهِيْجٍ ۙ ﴿٧﴾

مٿان) زمين کي وڇايوسون ۽ منجهس جبلَ کوڙياسون ۽ منجهس هر قسم جا وڻندڙ (وڻ ٽڻ ۽ گل ڦل) پيدا ڪياسون ⑦

تَبۡصِرَةً وَّ ذِكۡرٰى لِكُلِّ عَبۡدٍ مُّنِيۡبٍ ۝٨ وَنَزَّلۡنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً

هر رجوع ڪندڙ ٻانهي جي بصيرت ۽ نصيحت وٺڻ لاءِ ۝٨ ۽ آسمان تان برڪت ڀريو (يعني فائديمند) پاڻي لاٿو سون،

مُّبٰرَكًا فَاَنۡۢبَتۡنَا بِهٖ جَنّٰتٍ وَّحَبَّ الۡحَصِيۡدِ ۝٩ وَالنَّخۡلَ بٰسِقٰتٍ لَّهَا

پوءِ اسان ان سان باغ ۽ اناج (۽ غذائي جنسون) پيدا ڪيون ۝٩ ۽ ڪجين جا ڏگھا وڻ، جن جا خوشا ته به ته

طَلۡعٌ نَّضِيۡدٌ ۝١٠ رِّزۡقًا لِّلۡعِبَادِ ۙ وَاَحۡيَيۡنَا بِهٖ بَلۡدَةً مَّيۡتًا ؕ كَذٰلِكَ

سٽيل هوندا آهن ۝١٠ (جنهن ۾) ٻانهن لاءِ روزي آهي ۽ ان (پاڻيءَ) سان ويران شهرن کي آباد ڪيوسون. اهڙيءَ

الۡخُرُوۡجُ ۝١١ كَذَّبَتۡ قَبۡلَهُمۡ قَوۡمُ نُوۡحٍ وَّاَصۡحٰبُ الرَّسِّ وَثَمُوۡدُ ۝١٢

طرح (قبرن مان زنده ٿي ٻاهر نڪرڻ) نڪرڻ ٿيندو ۝١١ انهن کان اڳ نوح (عليه السلام) جي قوم ۽ رس (يعني کوهن) وارن ۽

وَعَادٌ وَّفِرۡعَوۡنُ وَاِخۡوَانُ لُوۡطٍ ۝١٣ وَّاَصۡحٰبُ الۡاَيۡكَةِ وَقَوۡمُ تُبَّعٍ ؕ

ثمود (يعني صالح عليه السلام جي قوم به پيغمبرن کي) ڪوڙو ڪيو ۝١٢ ۽ (هود عليه السلام جي قوم) عاد ۽ فرعون جي قوم ۽ لوط (عليه السلام)
جي ڀائرن ۝١٣ ۽ ٻيلن وارن (يعني شعيب عليه السلام جي قوم) ۽ (حميري يعني) قومِ تبّع (جيڪو پيغمبر عليه السلام يا صالح مرد هو)،

كُلٌّ كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ وَعِيۡدِ ۝١٤ اَفَعَيِيۡنَا بِالۡخَلۡقِ الۡاَوَّلِ ؕ بَلۡ

انهن (قومن) مان هر هڪ (قوم) پيغمبرن کي ڪوڙو ڪيو. پوءِ انهن تي منهنجو وعدو پورو ٿيو ۝١٤ ڇا پوءِ اسان پهريون

هُمۡ فِىۡ لَبۡسٍ مِّنۡ خَلۡقٍ جَدِيۡدٍ ۝١٥ ع وَلَقَدۡ خَلَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ وَنَعۡلَمُ ع ١٥ ١٥

پيرو پيدا ڪرڻ ۾ لاچار ۽ عاجز هئاسون (جو ٻيو پيرو انهن کي پيدا ڪرڻ ۾ عاجز ۽ لاچار ٿينداسون؟) بلڪ اهي نئين سر پيدا ٿيڻ
جي باري ۾ شڪ ۾ (پيل) آهن ۝١٥ ۽ بيشڪ اسان انسان کي پيدا ڪيو ۽ اسين ڄاڻون ٿا ته سندس نفس منجهس ڪهڙا وسوسا

مَا تُوَسۡوِسُ بِهٖ نَفۡسُهٗ ۖۚ وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ ۝١٦

وجهي ٿو ۽ اسين (پنهنجي علم جي وسيلي) انهيءَ کي ساهه جي رڳ کان به وڌيڪ ويجها آهيون ۝١٦

اِذۡ يَتَلَقَّى الۡمُتَلَقِّيٰنِ عَنِ الۡيَمِيۡنِ وَعَنِ الشِّمَالِ قَعِيۡدٌ ۝١٧ مَا يَلۡفِظُ

جڏهن ساڄي پاسي ۽ کاٻي پاسي ويٺل به (فرشتا يعني ڪرامًا ڪاتبين) لکندا آهن ۝١٧ (ماڻهو) جيڪو به لفظ

مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ﴿١٨﴾ وَجَآءَتْ سَكْرَةُ الْمَوْتِ

ڳالهائي ٿو، وٽس سخت نگهبان (فرشتو) موجود هوندو آهي ﴿١٨﴾ ۽ موت جي سختي سچ پچ اچي چڪي. (فرشتا

بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ مَا كُنْتَ مِنْهُ تَحِيْدُ ﴿١٩﴾ وَنُفِخَ فِى الصُّوْرِ ؕ ذٰلِكَ يَوْمُ

چوندا آهن ته) اهو ئي اهو (موت) آهي، جنهن کان تون پاسو ڪندو ۽ پري ڀڄندو هئين ﴿١٩﴾ ۽ صور ۾ ڦوڪيو ويندو.

الْوَعِيْدِ ﴿٢٠﴾ وَجَآءَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّعَهَا سَآئِقٌ وَّشَهِيْدٌ ﴿٢١﴾ لَقَدْ كُنْتَ

چيو ويندو ته (ڪافرن ۽ ظالمن لاءِ عذاب جي) وعدي جو اهو ئي اُهو ڏينهن آهي ﴿٢٠﴾ ۽ هر شخص هن حالت ۾ ايندو جو ساڻس
گڏجي هڪ هڪليندڙ ۽ (سندس عملن تي) شاهدي ڏيندڙ هوندو ﴿٢١﴾ (الله فرمائيندو ته) بيشڪ تون (دنيا ۾) هن (قيامت) کان

فِىْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا فَكَشَفْنَا عَنْكَ غِطَآءَكَ فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ

غفلت ۾ هئين. پوءِ توتان پردو هٽايوسون، (جيئن انهيءَ عذاب کي پنهنجين اکين سان ڏسين) پوءِ اڄ تنهنجي نظر

حَدِيْدٌ ﴿٢٢﴾ وَقَالَ قَرِيْنُهٗ هٰذَا مَا لَدَىَّ عَتِيْدٌ ﴿٢٣﴾ ؕ اَلْقِيَا فِىْ جَهَنَّمَ

ڏاڍي تيز آهي ﴿٢٢﴾ ۽ سندس ساٿي (يعني عملن جو فرشتو) چوندو ته مون وٽ (سندس) هيءُ اعمالنامو تيار آهي ﴿٢٣﴾

كُلَّ كَفَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿٢٤﴾ ۙ مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ مُّرِيْبِ ﴿٢٥﴾ ۙ الَّذِىْ جَعَلَ

(الله فرمائيندو ته) توهان ٻئي هر ڪافر، دشمن کي جهنم ۾ اڇلايو ﴿٢٤﴾ جيڪو ڀلائيءَ (يعني حقدارن کي زڪوٰة جي ڏيڻ)
کان روڪيندڙ، (ظلم ۾) حد کان لنگهندڙ (۽ دين جي باري ۾) شڪ ۾ هو ﴿٢٥﴾ جنهن الله سان گڏ ٻئي کي معبود ٺاهيو،

مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَاَلْقِيٰهُ فِى الْعَذَابِ الشَّدِيْدِ ﴿٢٦﴾ قَالَ قَرِيْنُهٗ

پوءِ ٻئي کيس سخت عذاب (يعني ساڙيندڙ باھ جي) اندر اڇلايو ﴿٢٦﴾ سندس ساٿي (شيطان) چيو ته رب اسان

رَبَّنَا مَآ اَطْغَيْتُهٗ وَلٰكِنْ كَانَ فِىْ ضَلٰلٍۭ بَعِيْدٍ ﴿٢٧﴾ قَالَ لَا تَخْتَصِمُوْا

جا! مون مٿس زيادتي نه ڪئي ۽ پر پاڻ (حقّ کان) ڏورانهين گمراهيءَ ۾ هو ﴿٢٧﴾ (الله) فرمائيندو ته مون وٽ تڪرار نه

لَدَىَّ وَقَدْ قَدَّمْتُ اِلَيْكُمْ بِالْوَعِيْدِ ﴿٢٨﴾ مَا يُبَدَّلُ الْقَوْلُ لَدَىَّ

ڪريو ۽ بيشڪ توهان کي اڳ ئي مون (پيغمبرن جي ذريعي) عذاب جو وعدو ڏنو هو ﴿٢٨﴾ مون وٽ ڳالهه تبديل نه

وَمَآ اَنَا بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿۲۹﴾ يَوْمَ نَقُوْلُ لِجَهَنَّمَ هَلِ امْتَلَاْتِ ع ۲ ۱۴/۱۶

ٿيندي آهي ۽ نه آءٌ ٻانهن تي ظلم ڪندڙ آهيان ﴿۲۹﴾ (ياد ڪر جنهن) ڏينهن دوزخ کي چونداسون ته ڇا ڀرجي وئين؟ ۽

وَتَقُوْلُ هَلْ مِنْ مَّزِيْدٍ ﴿۳۰﴾ وَاُزْلِفَتِ الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ غَيْرَ بَعِيْدٍ ﴿۳۱﴾

اهو چوندو ته ڇا اڃا به وڌيڪ آهي؟ ﴿۳۰﴾ ۽ جنت کي پرهيزگارن لاءِ ويجهو ڪيو ويندو، (اها انهن کان) پري نه هوندي ﴿۳۱﴾

هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ لِكُلِّ اَوَّابٍ حَفِيْظٍ ﴿۳۲﴾ مَنْ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ

(چيو ويندو ته) هيءَ آهي (اها جنت) جنهن جو توهان سان وعدو ڪيو ويندو هو، (يعني) هر رجوع ڪندڙ (اسان جي فرمان ۽
اسان جي حدن جي) حفاظت ڪندڙ (۽ گناهن جي بخشش گهرندڙ) ٻانهي لاءِ ﴿۳۲﴾ جنهن اڻ ڏٺي الله جو خوف ڪيو ۽ (جنهن

بِالْغَيْبِ وَجَآءَ بِقَلْبٍ مُّنِيْبِۨ ﴿۳۳﴾ ادْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ ؕ ذٰلِكَ يَوْمُ

الله وٽ) رجوع ڪندڙ دل آندي ﴿۳۳﴾ (الله تعاليٰ ڪين فرمائيندو ته عذاب کان) سلامتيءَ سان جنت ۾ داخل ٿيو، اهو

الْخُلُوْدِ ﴿۳۴﴾ لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ فِيْهَا وَلَدَيْنَا مَزِيْدٌ ﴿۳۵﴾ وَكَمْ

ٿي سدائين رهڻ وارو ڏينهن آهي ﴿۳۴﴾ سندن لاءِ (انهيءَ بهشت ۾) اهي سڀ شيون آهن، جيڪي گهرندا ۽ اسان وٽ وڌيڪ به آهي،
(يعني جيڪي شيون نه ڪنهن جي علم ۽ خيال ۾ آيون ۽ نه اڃا سگهن ٿيون) ﴿۳۵﴾ ۽ اسان انهن (يعني تنهنجي قوم جي ڪافرن)

اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ اَشَدُّ مِنْهُمْ بَطْشًا فَنَقَّبُوْا

کان اڳ ڪيترين قومن هلاڪ ڪيون آهن، جيڪي انهن کان قوت ۽ پڪڙ ۾ وڌيڪ طاقتور هيون، پوءِ شهرن ڏک ڊوڙ ڪرڻ

فِى الْبِلَادِ ؕ هَلْ مِنْ مَّحِيْصٍ ﴿۳۶﴾ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى

لڳا ته ڇا (موت يا عذاب کان) ڀڄڻ جي ڪا واٽ آهي ﴿۳۶﴾ بيشڪ انهيءَ ۾ هر ان شخص لاءِ يقيناً نصيحت آهي، جيڪو

لِمَنْ كَانَ لَهٗ قَلْبٌ اَوْ اَلْقَى السَّمْعَ وَهُوَ شَهِيْدٌ ﴿۳۷﴾

(ڪليل) دل رکي ٿو يا ڪن ڏئي (قرآن جي نصيحت کي) ٻڌي ٿو ۽ اهو حاضر (دل به) آهي ﴿۳۷﴾

وَلَقَدْ خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِىْ سِتَّةِ

۽ بيشڪ اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي ڪجهه انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي، تن کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو ۽ اسان

اَيَّامٍ ۖ وَّمَا مَسَّنَا مِنْ لُّغُوْبٍ ﴿٣٨﴾ فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ

ڪي ڪو تڪُ ۽ عاجزي نہ پهتي ﴿٣٨﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ! مشرڪَ ۽ يهودي) جيڪي ڪجهہ چون ٿا، ان تي صبر ڪر ۽

وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَقَبْلَ الْغُرُوْبِ ﴿٣٩﴾ ج

پنهنجي رب جي ساراهہ سان تسبيح ڪر (يعني) سج اڀرڻ کان اڳ (فجر) ۽ سج لهڻ کان اڳ (عصرنماز پڙهہ.) ﴿٣٩﴾

وَمِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَ اَدْبَارَ السُّجُوْدِ ﴿٤٠﴾ وَ اسْتَمِعْ يَوْمَ

۽ رات جي (وقتن) ۾ سندس تسبيح ڪر (يعني مغرب ، عشا ۽ تهجد پڙهہ) ۽ سجدن (يعني مغرب فرض يا هر فرض) کان پوءِ (سنتون
پڙهہ.) ﴿٤٠﴾ ۽ ٻڌ جنهن ڏينهن آواز ڏيندڙ (يعني اسرافيل عليه السلام) ويجهي هنڌ تان (يعني بيت المقدس جي صخره وٽان، بلڪ هر

يُنَادِ الْمُنَادِ مِنْ مَّكَانٍ قَرِيْبٍ ﴿٤١﴾ لا يَّوْمَ يَسْمَعُوْنَ الصَّيْحَةَ

هنڌ تان آسمان کان ٻارهن يا ارڙهن هزار ميل هيٺان) پڪاريندو ﴿٤١﴾ (تنهن) ڏينهن (اسرافيل جي آخري صور جي) رڙ

بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُرُوْجِ ﴿٤٢﴾ اِنَّا نَحْنُ نُحْيٖ وَ نُمِيْتُ

کي حق سان ٻڌندا. اهو ئي (قبرن مان) نڪرڻ جو ڏينهن آهي ﴿٤٢﴾ بيشڪ اسان ئي جياريون ٿا ۽ اسان ئي ماريون ٿا ۽

وَاِلَيْنَا الْمَصِيْرُ ﴿٤٣﴾ لا يَوْمَ تَشَقَّقُ الْاَرْضُ عَنْهُمْ سِرَاعًا ؕ

اسان ڏانهن ئي توهان جو موٽڻ آهي ﴿٤٣﴾ انهيءَ ڏينهن زمين انهن کان ڦاٽي پوندي، پوءِ اهي تيزيءَ سان ٻاهر نڪري

ذٰلِكَ حَشْرٌ عَلَيْنَا يَسِيْرٌ ﴿٤٤﴾ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَقُوْلُوْنَ

ايندا. اهو (مخلوق کي ميدان) حشر ۾ آڻڻ اسان لاءِ آسان آهي ﴿٤٤﴾ اسين وڌيڪ ڄاڻون ٿا، جيڪي ڪجهہ اهي چون ٿا ۽

وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِجَبَّارٍ قف فَذَكِّرْ بِالْقُرْاٰنِ مَنْ يَّخَافُ

تون مٿن زور زبردستي ڪندڙ نہ آهين. پوءِ قرآن جي ذريعي نصيحت ڪر، انهيءَ شخص کي جيڪو منهنجي

وَعِيْدِ ﴿٤٥﴾ ع

ڌمڪيءَ کان ڊڄي ٿو ﴿٤٥﴾

آيَاتُهَا ٦٠ (٥١) سُوْرَةُ الذّٰرِيٰتِ مَكِّيَّةٌ (٦٧) رُكُوْعَاتُهَا ٣

سورة الذاريات مڪي آهي. هن ۾ سٺ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

وَالذّٰرِيٰتِ ذَرْوًا ۝١ فَالْحٰمِلٰتِ وِقْرًا ۝٢ فَالْجٰرِيٰتِ يُسْرًا ۝٣

۽ مٽيءَ ۽ بين شين کي اڏائيندڙ ۽ ڇڙوڇڙ ڪندڙ هوائن جو قسم! ① پوءِ پاڻيءَ جي بار کي کڻندڙ ڪڪرن يا ڪڪرن
جي بار کي کڻندڙ هوائن جو قسم! ② پوءِ دريائن ۾ هلندڙ ٻيڙين يا آسانيءَ سان هلندڙ ڪڪرن جو قسم! ③

فَالْمُقَسِّمٰتِ اَمْرًا ۝٤ اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَصَادِقٌ ۝٥ وَّاِنَّ الدِّيْنَ

پوءِ انهن فرشتن جو قسم، جيڪي روزي وغيره ورهائين ٿا ④ دراصل توهان سان (قيامت ۽ حساب ۽ عذاب ۽ ثواب جو)
جيڪو وعدو ڪيو وڃي ٿو، سو يقينًا سچو آهي ⑤ ۽ بيشڪ (عملن جي) بدلي جو ڏينهن ضرور اچڻ وارو

لَوَاقِعٌ ۝٦ وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْحُبُكِ ۝٧ اِنَّكُمْ لَفِيْ قَوْلٍ مُّخْتَلِفٍ ۝٨

آهي ⑥ ۽ رستن واري آسمان جو قسم ⑦ بيشڪ توهان مختلف قولن وارا آهيو (جو چئو ٿا ته حضرت محمد ﷺ شاعر

يُّؤْفَكُ عَنْهُ مَنْ اُفِكَ ۝٩ قُتِلَ الْخَرّٰصُوْنَ ۝١٠ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ

جادوگر ۽ پوپو ۽ قرآن مجيد شعر، جادو ۽ افسانن جو ڪتاب آهي) ⑧ (دراصل قرآن کان) انهيءَ شخص کي ڦيرايو ويندو آهي، جيڪو
(الله تعاليٰ جي علم ۾ ازل کان) ڦيرايل هوندو آهي ⑨ ڪوڙن تي لعنت ڪئي ويئي آهي. ⑩ (يعني اهي ڪوڙا ماڻهو) جيڪي

غَمْرَةٍ سَاهُوْنَ ۝١١ يَسْـَٔلُوْنَ اَيَّانَ يَوْمُ الدِّيْنِ ۝١٢ يَوْمَ هُمْ عَلَى

غفلت ۽ جهالت ۾ (ٻيل) آهن ⑪ (اهي ٺٺوليون ڪندي) پڇن ٿا ته بدلي جو ڏينهن ڪڏهن ايندو؟ ⑫ (هائو! جڏهن اهو

النَّارِ يُفْتَنُوْنَ ۝١٣ ذُوْقُوْا فِتْنَتَكُمْ ؕ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ

ڏينهن ايندو ته) ان ڏينهن کين باهه ۾ عذاب ڏنو ويندو ⑬ (کين چئبو ته) پنهنجي عذاب جو مزو چکو اهو ئي آهي اهو

تَسْتَعْجِلُوْنَ ۝١٤ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ۝١٥ اٰخِذِيْنَ مَآ اٰتٰهُمْ

(عذاب)، جنهن جي توهان جلدي ڪندا هئا ⑭ بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ چشمن ۾ هوندا ⑮ جيڪو (ثواب ۽ عزت) الله کين

رَبُّهُمْ ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُحْسِنِيْنَ ۝۱۶ۭ كَانُوْا قَلِيْلًا مِّنَ الَّيْلِ

عنايت ڪندو، تنهن ڪري (خوشيءَ سان) وٺندڙ هوندا. بيشڪ اهي ان کان اڳ ۾ ڀلائي ڪندڙ هئا ۝۱۶ اهي رات جو ڪو

مَا يَهْجَعُوْنَ ۝۱۷ وَبِالْاَسْحَارِ هُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ۝۱۸ وَفِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ

ٿورو وقت سمهندا هئا ۝۱۷ ۽ اسر جي وقتن ۾ اٿي بخشش گهرندا هئا ۝۱۸ ۽ سندن مالن ۾ سوالين ۽ محتاجن لاءِ حقّ

لِّلسَّاۗىِٕلِ وَالْمَحْرُوْمِ ۝۱۹ وَفِي الْاَرْضِ اٰيٰتٌ لِّلْمُوْقِنِيْنَ ۝۲۰ۙ وَفِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ۭ

آهي ۝۱۹ ۽ زمين ۾ يقين رکندڙن لاءِ (الله جي توحيد ۽ قدرت جون) نشانيون آهن ۝۲۰ ۽ توهان جي جانين ۾ به (سندس

اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ۝۲۱ وَفِي السَّمَاۗءِ رِزْقُكُمْ وَمَا تُوْعَدُوْنَ ۝۲۲ فَوَرَبِّ

قدرت جون نشانيون آهن) ڇا پوءِ نٿا ڏسو؟ ۝۲۱ ۽ آسمان ۾ توهان جو رزق، (پاڻي ۽ روشني) ۽ اهي شيون آهن، جن جو
توهان سان وعدو ڪجي ٿو (يعني آخرت ۾ جيڪو بدلو ملندو، سو لوح محفوظ ۾ لکيل آهي) ۝۲۲ پوءِ آسمانن ۽ زمين جي

السَّمَاۗءِ وَالْاَرْضِ اِنَّهٗ لَحَقٌّ مِّثْلَ مَآ اَنَّكُمْ تَنْطِقُوْنَ ۝۲۳ع هَلْ اَتٰىكَ ۲۳ع ۱۸

ربّ جو قسم! اهو حقّ آهي جيئن توهان ڳالهايو ٿا (يعني جيئن ڳالهائڻ وقت، گفتگوءَ لاءِ دليل جي ضرورت نه هوندي آهي،
تيئن الله تعاليٰ جي بيان ڪيل ڳالهين لاءِ به دليل جي ڪا ضرورت نه آهي) ۝۲۳ ڇا تو وٽ ابراهيم (عليه السلام) جي معزز مهمانن

حَدِيْثُ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ الْمُكْرَمِيْنَ ۝۲۴ۘ اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا ۭ قَالَ وقف لازم

(يارهن فرشتن) جي ڳالهه پهتي ۝۲۴ جڏهن وٽس آيا، پوءِ چيائون ته سلام هجي. (ابراهيم) چيو (توهان تي به) سلام

سَلٰمٌ ۚ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ۝۲۵ فَرَاغَ اِلٰٓى اَهْلِهٖ فَجَاۗءَ بِعِجْلٍ سَمِيْنٍ ۝۲۶ۙ فَقَرَّبَهٗٓ

هجي اي اوپري قوم! ۝۲۵ پوءِ پنهنجي گهر وجي (ڍڳل) ٿلهو ڳابو آندائين ۝۲۶ پوءِ سندن ويجهو رکيائين. (جڏهن

اِلَيْهِمْ قَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ ۝۲۷ۡ فَاَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً ۭ قَالُوْا لَا تَخَفْ ۭ وَ

ڏٺائين ته نٿا کائين ته) چيائين ته ڇا کائو نٿا؟ ۝۲۷ پوءِ کين (دشمن سمجهي) انهن کان خوف محسوس ڪيائين. انهن

بَشَّرُوْهُ بِغُلٰمٍ عَلِيْمٍ ۝۲۸ فَاَقْبَلَتِ امْرَاَتُهٗ فِيْ صَرَّةٍ فَصَكَّتْ وَجْهَهَا وَقَالَتْ

چيو ته نه ڏڄ (اسان فرشتا آهيون) ۽ کيس داناءُ پٽ جي خوشخبري ڏنائون ۝۲۸ پوءِ سندس زال (تعجب وچان) دانهن ڪندي اڳيان آئي،
پوءِ پنهنجي منهن تي هٿ هڻي چيائين ته (آءٌ نوانوي سالن جي) پوڙهي سَنڍ آهيان (۽ منهنجو مڙس هڪ سو ويهن سالن جو آهي، پوءِ

عَجُوْزٌ عَقِيْمٌ ۝۲۹ قَالُوْا كَذٰلِكِ ۙ قَالَ رَبُّكِ ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ ۝۳۰

مون کي ٻار ڪيئن ٿيندو ؟) ۝۲۹ (فرشتن) چيس ته ائين ئي تنهنجو رب فرمائي ٿو. اهو حڪمت وارو، ڄاڻندڙ آهي ۝۳۰

قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣١﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى

(ابراهيم عليه السلام) چيو تہ اي موڪليل (فرشتو!) توهان جو ڪهڙو حال آهي؟ ﴿٣١﴾ انهن چيو تہ بيشڪ اسان (لوط عليه السلام جي)

قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣٢﴾ لِنُرْسِلَ عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ طِيْنٍ ﴿٣٣﴾ مُّسَوَّمَةً

ڏوهاري قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيون ﴿٣٢﴾ جيئن مٿن مٽيءَ جا پڪل پٿر (۽ سروٽا) وسايون ﴿٣٣﴾ جن تي ظالمن (مان هر

عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣٤﴾ فَاَخْرَجْنَا مَنْ كَانَ فِيْهَا مِنَ

هڪ) لاءِ تنهنجي ربّ وٽ نشان لڳل آهن ﴿٣٤﴾ پوءِ اتي جيڪي (تيرهن) مؤمن هئا (يعني لوط عليه السلام ۽ سندس ٻہ نياڻيون ۽

الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣٥﴾ فَمَا وَجَدْنَا فِيْهَا غَيْرَ بَيْتٍ مِّنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٣٦﴾

ڏهہ ٻيا) تن کي ڪڍيوسون ﴿٣٥﴾ پوءِ انهيءَ (ڳوٺ) ۾ (لوط عليه السلام جي) هڪ گهر کان سواءِ ڪنهن کي مسلمان نہ لڌوسون ﴿٣٦﴾

وَتَرَكْنَا فِيْهَآ اٰيَةً لِّلَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٣٧﴾ وَفِيْ

۽ ان (هلاڪ ڪيل وسنديءَ) کي نشاني بڻايوسون، انهن لاءِ جيڪي ڏکوئيندڙ عذاب کان ڊڄن ٿا ﴿٣٧﴾ ۽ موسيٰ (عليه السلام جي

مُوْسٰٓى اِذْ اَرْسَلْنٰهُ اِلٰى فِرْعَوْنَ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾ فَتَوَلّٰى بِرُكْنِهٖ

قصي) ۾ بہ (هڪ نشاني آهي) جڏهن کيس فرعون ڏانهن پڌري معجزي سان موڪليوسون ﴿٣٨﴾ پوءِ پنهنجن لشڪرن ۽ ساٿين

وَقَالَ سٰحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ ﴿٣٩﴾ فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِى

ڏانهن پٺي ڦير ايائين ۽ چيائين تہ هڪ جادوگر يا چريو شخص آهي ﴿٣٩﴾ پوءِ کيس ۽ سندس لشڪر کي (عذاب ۾) پڪڙيوسون، پوءِ

الْيَمِّ وَهُوَ مُلِيْمٌ ﴿٤٠﴾ وَفِيْ عَادٍ اِذْ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الرِّيْحَ

کيس درياءَ ۾ ٻوڙيوسون ۽ اهو پاڻ تي ملامت ڪندڙ هو ﴿٤٠﴾ ۽ (هود عليه السلام جي قوم) عاد ۾ (ٻي نشاني) آهي، جڏهن اسان مٿن

الْعَقِيْمَ ﴿٤١﴾ مَا تَذَرُ مِنْ شَيْءٍ اَتَتْ عَلَيْهِ اِلَّا جَعَلَتْهُ كَالرَّمِيْمِ ﴿٤٢﴾

پاڙ پٽيندڙ هوا موڪلي ﴿٤١﴾ جنهن بہ شيءِ تي اها آئي ٿي، ان کي ڳريل (۽ پُريل) هڏين وانگر (تهس نهس) ڪري ڇڏيائين ﴿٤٢﴾

وَفِيْ ثَمُوْدَ اِذْ قِيْلَ لَهُمْ تَمَتَّعُوْا حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٤٣﴾ فَعَتَوْا عَنْ

۽ (صالح عليه السلام جي قوم) ثمود ۾ (بہ نشاني آهي) جڏهن کين چيو ويو تہ (ٽن ڏينهن جي) مدت تائين مزا ماڻي وٺو ﴿٤٣﴾

اَمْرِ رَبِّهِمْ فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ وَهُمْ يَنْظُرُوْنَ ﴿٤٤﴾ فَمَا اسْتَطَاعُوْا

پوءِ پنهنجي ربّ جي حڪم کان وڏائي ڪيائون. پوءِ کين هلاڪ ڪندڙ رڙ پڪڙيو ۽ اهي ڏسي رهيا هئا ﴿٤٤﴾ پوءِ (عذاب وقت

مِنْ قِيَامٍ وَّمَا كَانُوْا مُنْتَصِرِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَقَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ ۭ اِنَّهُمْ

پنهنجي جاءِ تان) اٿي بہ نہ سگهيا ۽ نہ اهي (اسان کان) بدلو وٺندڙ هئا ﴿٤٥﴾ ۽ (سندن هلاڪت کان) اڳ قوم نوح (عليه السلام)

كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٤٦﴾ ع وَالسَّمَاۗءَ بَنَيْنٰهَا بِاَيْىدٍ وَّاِنَّا لَمُوْسِعُوْنَ ﴿٤٧﴾

ڪي (هلاڪ ڪيوسون) بيشڪ اهي گنهگار ماڻهو هئا ﴿٤٦﴾ ۽ اسان آسمان کي (پنهنجن) هٿن سان بنايو آهي ۽ بيشڪ
اسين ان کي، (يا آسمان ۽ زمين جي وچ واري فضا کي، يا مخلوق جي روزيءَ کي) ڪشادو ڪرڻ وارا آهيون ﴿٤٧﴾

وَالْاَرْضَ فَرَشْنٰهَا فَنِعْمَ الْمٰهِدُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَمِنْ كُلِّ شَيْءٍ خَلَقْنَا

۽ زمين کي وڇايوسون پوءِ اسين ڏاڍا چڱا وڇائيندڙ آهيون ﴿٤٨﴾ ۽ هر شيءِ جو جوڙو جوڙو بڻايوسون (يعني نر ۽ مادي يا هڪ
شيءِ جي پيٽ ۾ ٻي شيءِ جيئن آسمان ۽ زمين، روشني ۽ اونده، عرش ۽ ڪرسي، لوح ۽ قلم، سج ۽ چنڊ، ڏينهن ۽ رات،

زَوْجَيْنِ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٩﴾ فَفِرُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ ۭ اِنِّىْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ

سردي ۽ گرمي) مَنَ توهان نصيحت (۽ خالق جي معرفت) حاصل ڪريو ﴿٤٩﴾ پوءِ الله ڏانهن ڀڄو، بيشڪ آءٌ توهان لاءِ پڌرو

مُّبِيْنٌ ﴿٥٠﴾ ج وَلَا تَجْعَلُوْا مَعَ اللّٰهِ اِلٰـهًا اٰخَرَ ۭ اِنِّىْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ

ڊيڄاريندڙ آهيان ﴿٥٠﴾ ۽ الله سان گڏ ٻئي ڪنهن کي معبود نہ ٺاهيو، بيشڪ آءٌ توهان لاءِ سندس طرفان پڌرو ڊيڄاريندڙ

مُّبِيْنٌ ﴿٥١﴾ كَذٰلِكَ مَآ اَتَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا قَالُوْا

آهيان ﴿٥١﴾ (اي محمد ﷺ!) اهڙيءَ طرح (مڪي وارن) کان اڳ جيڪي (ڪافر) هئا، تن وٽ جيڪو بہ رسول آيو، تنهن کي

سَاحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ ﴿٥٢﴾ ج اَتَوَاصَوْا بِهٖ ۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ ﴿٥٣﴾ ج فَتَوَلَّ

چيائون تہ (هيءُ شخص) هڪ جادوگر يا چريو آهي ﴿٥٢﴾ ڇا انهن (پيغمبرن ڏانهن ڪوڙ، جادو ۽ چريائپ جي نسبت ڪرڻ بابت) هڪ ٻئي
کي وصيت ڪئي آهي؟ بلڪ اهي سرڪش ماڻهو آهن ﴿٥٣﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ!) انهن کان منهن موڙ، توتي ڪا ملامت نہ آهي (ڇاڪاڻ

عَنْهُمْ فَمَآ اَنْتَ بِمَلُوْمٍ ﴿٥٤﴾ وَّذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥٥﴾

تہ پيغمبرن تي ڪا پڪڙ نہ آهي) ﴿٥٤﴾ ۽ (ڪين قرآن سان) نصيحت ڪر، بيشڪ نصيحت مؤمنن کي فائدو ڏيندي آهي ﴿٥٥﴾

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿٥٦﴾ مَآ اُرِيْدُ مِنْهُمْ

۽ مون جنن ۽ انسانن کي رڳو هن ڪري پيدا ڪيو تہ (مون کي سڃاڻين ۽) منهنجي عبادت ڪن ﴿٥٦﴾ آءٌ نہ انهن کان روزي

مِّنْ رِّزْقٍ وَّمَآ اُرِيْدُ اَنْ يُّطْعِمُوْنِ ﴿٥٧﴾ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو

گهري رهيو آهيان ۽ نہ ئي انهن کان کاڌو طلب ڪري رهيو آهيان ﴿٥٧﴾ بيشڪ الله ئي روزي ڏيندڙ (۽) زبردست طاقت

الْقُوَّةِ الْمَتِيْنُ ﴿٥٨﴾ فَاِنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذَنُوْبًا مِّثْلَ ذَنُوْبِ

جو مالڪ آهي ﴿٥٨﴾ پوءِ بيشڪ جن ماڻهن ظلم ڪيو، انهن لاءِ سندن ساٿين جي عذاب وانگر عذاب آهي. پوءِ

اَصْحٰبِهِمْ فَلَا يَسْتَعْجِلُوْنِ ﴿٥٩﴾ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ

مون کان (عذاب جي باري ۾) جلدي نہ ڪن ﴿٥٩﴾ پوءِ جن ماڻهن ڪفر ڪيو آهي، انهن لاءِ انهيءَ ڏينهن (عذاب جي سختيءَ

يَّوْمِهِمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ﴿٦٠﴾ ع

جي سبب) خرابي آهي، جنهن جو ساڻن وعدو ڪيو وڃي ٿو ﴿٦٠﴾

اٰيَاتُهَا ٤٩ — (٥٢) سُوْرَةُ الطُّوْرِ مَكِّيَّةٌ (٧٦) — رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة الطور مڪي آهي. هِن ۾ اٺونجاهہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

وَالطُّوْرِ ﴿١﴾ وَكِتٰبٍ مَّسْطُوْرٍ ﴿٢﴾ فِيْ رَقٍّ مَّنْشُوْرٍ ﴿٣﴾ وَّالْبَيْتِ

جبل طور جو قسم ﴿١﴾ ۽ لکيل ڪتاب (توريت يا قرآن يا لوح محفوظ يا اعمالنامي) جو قسم ﴿٢﴾ (جيڪي) ڪليل ورقن (صحيفن)

الْمَعْمُوْرِ ۙ﴿۴﴾ وَالسَّقْفِ الْمَرْفُوْعِ ۙ﴿۵﴾ وَالْبَحْرِ الْمَسْجُوْرِ ۙ﴿۶﴾ اِنَّ عَذَابَ

۾ آهن ﴿۳﴾ ۽ آباد گهر جو قسم ﴿۴﴾ ۽ مٿانهين ڇت (آسمان يا عرش) جو قسم ﴿۵﴾ ۽ ڇوليون هڻندڙ (يا ٻرندڙ) سمنڊ جو قسم ﴿۶﴾

رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ۙ﴿۷﴾ مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ ۙ﴿۸﴾ يَّوْمَ تَمُوْرُ السَّمَآءُ مَوْرًا ۙ﴿۹﴾ وَّ

بيشڪ تنهنجي ربّ جو عذاب ضرور اچڻ وارو آهي ﴿۷﴾ جنهن کي ڪو ٽاريندڙ نه آهي ﴿۸﴾ ان ڏينهن آسمان ڪنبندو ۽ ڏڪندو

تَسِيْرُ الْجِبَالُ سَيْرًا ؕ﴿۱۰﴾ فَوَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ۙ﴿۱۱﴾ الَّذِيْنَ

چڱيءَ طرح ڏڪڻ ﴿۹﴾ ۽ جبل هلندا، چڱيءَ طرح هلڻ ﴿۱۰﴾ پوءِ انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪندڙن (ڪافرن) لاءِ خرابي آهي ﴿۱۱﴾

هُمْ فِيْ خَوْضٍ يَّلْعَبُوْنَ ﴿۱۲﴾ يَوْمَ يُدَعُّوْنَ اِلٰى نَارِ جَهَنَّمَ وقف لازم

جيڪي پنهنجين اجاين ڳالهين ۾ مشغول رهن ٿا ﴿۱۲﴾ (انهيءَ) ڏينهن (ڪافرن) کي دوزخ ڏانهن ڌڪيو ويندو، چڱيءَ

دَعًّا ؕ﴿۱۳﴾ هٰذِهِ النَّارُ الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿۱۴﴾ اَفَسِحْرٌ

طرح ڌڪڻ ﴿۱۳﴾ (کين چيو ويندو ته) هي آهيءُ دوزخ، جنهن کي توهان ڪوڙو ڪندا هئا ﴿۱۴﴾ (ڀلا ته) ڇا هيءُ (عذاب) جادو

هٰذَآ اَمْ اَنْتُمْ لَا تُبْصِرُوْنَ ۚ﴿۱۵﴾ اِصْلَوْهَا فَاصْبِرُوْٓا اَوْ لَا تَصْبِرُوْا ۚ

آهي يا توهان (دوزخ کي) نٿا ڏسو؟ ﴿۱۵﴾ منجهس داخل ٿيو، پوءِ (توهان لاءِ برابر آهي ته) صبر ڪريو، يا صبر نه ڪريو (اڄ

سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ ؕ اِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۶﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ

صبر توهان کي فائدو نه ڏيندو.) جيڪي ڪم توهان ڪندا هئا، توهان کي انهن جو ئي بدلو ڏنو ويندو ﴿۱۶﴾ بيشڪ پرهيزگار

جَنّٰتٍ وَّنَعِيْمٍ ۙ﴿۱۷﴾ فٰكِهِيْنَ بِمَآ اٰتٰىهُمْ رَبُّهُمْ ۚ وَوَقٰىهُمْ رَبُّهُمْ عَذَابَ

جنتن ۽ نعمتن ۾ آهن ﴿۱۷﴾ جيڪي (نعمتون) کين سندن ربّ ڏنيون، انهن ۾ مزا ماڻڻ وارا آهن ۽ سندن ربّ کين دوزخ جي

الْجَحِيْمِ ﴿۱۸﴾ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۙ﴿۱۹﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ

عذاب کان بچايو ﴿۱۸﴾ (چيو ويندو ته) جيڪي عمل توهان ڪندا هئا، انهن جي (برڪت سان) جيءُ پري کائو ۽ پيئو ﴿۱۹﴾ (ٻه ٻه ڇٽا

عَلٰى سُرُرٍ مَّصْفُوْفَةٍ ۚ وَ زَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ ﴿٢٠﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

تي) قطارن ۾ وڇايل تختن تي ٽيڪ ڏيئي ويهندا ۽ کين وڏين اکين وارين حورن پرڻائيندا سون ﴿٢٠﴾ ۽ سندن اولاد مان جن

اتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ

ايمان آندو ۽ سندن پيروي ڪيائون، تن کي بہ ساڻن ملائينداسون (جيتوڻيڪ گهٽ درجن وارا هجن، جيئن خوشيءَ مٿان

مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ ؕ كُلُّ امْرِئٍۢ بِمَا كَسَبَ رَهِيْنٌ ﴿٢١﴾ وَ

خوشيءَ ۾ وڌن) ۽ سندن عملن (جي اجر ۾) ڪا ڪمي ۽ ڪسر نہ ڇڏينداسون. هر شخص پنهنجي ڪمائيءَ سبب گروي ٿيل

اَمْدَدْنٰهُمْ بِفَاكِهَةٍ وَّ لَحْمٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٢٢﴾ يَتَنَازَعُوْنَ

آهي ﴿٢١﴾ ۽ کين (هر وقت) بيشمار ميوا ۽ گوشت ڏينداسون، جنهن جي بہ اهي خواهش ڪندا (توڻي زبان سان نہ بہ گهرن.) ﴿٢٢﴾

فِيْهَا كَاْسًا لَّا لَغْوٌ فِيْهَا وَلَا تَاْثِيْمٌ ﴿٢٣﴾ وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ غِلْمَانٌ

اهي اتي (جنتن) ۾ هڪ ٻئي کي پيالا ڏيندا ۽ وٺندا. اتي نہ ڪا اجائي ڳالهہ هوندي ۽ نہ ڪا گناهہ جي ڳالهہ هوندي، (جيئن دنيا ۾
شرابي بَڪ بَڪ ڪندا آهن) ﴿٢٣﴾ ۽ سندن چوڌاري سندن خدمتگذار ڇوڪرا گهمندا ڦرندا رهندا، ڄڻ تہ اهي (ڇوڪرا صفائي

لَّهُمْ كَاَنَّهُمْ لُؤْلُؤٌ مَّكْنُوْنٌ ﴿٢٤﴾ وَ اَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ

۽ سٽرائي ۾) سپن ۾ ڍڪيل موتي آهن ﴿٢٤﴾ ۽ پاڻ ۾ ايندي ويندي هڪ ٻئي کان (حال احوال) پڇندا

يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٢٥﴾ قَالُوْٓا اِنَّا كُنَّا قَبْلُ فِيْٓ اَهْلِنَا مُشْفِقِيْنَ ﴿٢٦﴾ فَمَنَّ

رهندا ﴿٢٥﴾ اهي چوندا تہ بيشڪ اسان هن کان اڳ (يعني دنيا ۾) پنهنجن گهر وارن ۾ (الله جي عذاب جو ذڪر ۽) خوف ڪندا
رهندا هئاسون ﴿٢٦﴾ پوءِ الله تعاليٰ (اڄ) اسان تي احسان فرمايو (۽ اسان کي بهشت بخشيائين) ۽ اسان کي باهہ جي

اللّٰهُ عَلَيْنَا وَوَقٰىنَا عَذَابَ السَّمُوْمِ ﴿٢٧﴾ اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلُ نَدْعُوْهُ ؕ

عذاب کان بچايائين ﴿٢٧﴾ بيشڪ اسين اڳ (دنيا جي حياتيءَ ۾) ان کي سڏيندا هئاسون، بيشڪ اهو ئي احسان فرمائيندڙ،

اِنَّهٗ هُوَ الْبَرُّ الرَّحِيْمُ ﴿٢٨﴾ ع فَذَكِّرْ فَمَآ اَنْتَ بِنِعْمَتِ رَبِّكَ بِكَاهِنٍ وَّلَا ع ٢٨ ٢

رحم ڪندڙ آهي ﴿٢٨﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ! برابر ۽ بدستور کين) نصيحت ڪندو رهہ، تون الله جي فضل سان نہ ڪو ڀوپو

مَجْنُوْنٍ ۝٢٩ؕ اَمْ يَقُوْلُوْنَ شَاعِرٌ نَّتَرَبَّصُ بِهٖ رَيْبَ الْمَنُوْنِ ۝٣٠ قُلْ

آهين ۽ نه ڪو چريو ۝٢٩ يا چون ٿا ته (محمد ﷺ) هڪ شاعر آهي، جنهن لاءِ (زماني جي ڦيري ۽ چڪر جو) انتظار ڪريون ٿا

تَرَبَّصُوْا فَاِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُتَرَبِّصِيْنَ ۝٣١ؕ اَمْ تَاْمُرُهُمْ اَحْلَامُهُمْ

(ته هلاڪ ٿئي) ۝٣٠ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) فرماءِ ته توهان (منهنجي هلاڪت جو) انتظار ڪريو، بيشڪ آءٌ به توهان سان گڏ (توهان جي هلاڪت جو)
انتظار ڪندڙ آهيان ۝٣١ يا ڪين سندن عقل انهيءَ (انڪارِ حقّ) جو حڪم ڪري رهيا آهن، يا اهي سرڪش ماڻهو آهن (جو پنهنجي هٺ

بِهٰذَآ اَمْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ ۝٣٢ۚ اَمْ يَقُوْلُوْنَ تَقَوَّلَهٗ ۚ بَلْ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ۝٣٣

۽ هوڏ سبب حقّ جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ به اهي ان جا ڪافر ٿي رهيا آهن) ۝٣٢ يا چون ٿا ته قرآن (محمد ﷺ) گهڙيو آهي؟ بلڪ

فَلْيَاْتُوْا بِحَدِيْثٍ مِّثْلِهٖٓ اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ ۝٣٤ؕ اَمْ خُلِقُوْا مِنْ

(وڏائيءَ وچان) ايمان نٿا آڻين ۝٣٣ پوءِ (فرماءِ ته) اهڙو (جڙتو) ڪلام اهي پاڻ به آڻي ڏيکارين جيڪڏهن (ان الزام ۾) سچا

غَيْرِ شَيْءٍ اَمْ هُمُ الْخٰلِقُوْنَ ۝٣٥ؕ اَمْ خَلَقُوا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ ۚ

آهن ۝٣٤ يا اهي ڪنهن شيءِ کان سواءِ پيدا ڪيا ويا آهن، يا اهي پاڻ پيدا ڪندڙ آهن؟ ۝٣٥ يا انهن آسمان ۽ زمين ڪي پيدا

بَلْ لَّا يُوْقِنُوْنَ ۝٣٦ؕ اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَبِّكَ اَمْ هُمُ

ڪيو آهي؟ بلڪ اهي (الله جي خالق هئڻ جو) يقين نٿا رکن ۝٣٦ يا وٽن تنهنجي ربّ (جي رحمت) جا خزانا آهن؟ يا اهي

الْمُصَيْطِرُوْنَ ۝٣٧ؕ اَمْ لَهُمْ سُلَّمٌ يَّسْتَمِعُوْنَ فِيْهِ ۚ فَلْيَاْتِ مُسْتَمِعُهُمْ

داروغا آهن؟ ۝٣٧ يا وٽن ڏاڪڻ آهي، جنهن تي چڙهي (ان جي ذريعي وحي ۽ فرشتن جو ڪلام) ٻڌن ٿا؟ پوءِ (فرماءِ ته)

بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ۝٣٨ؕ اَمْ لَهُ الْبَنٰتُ وَلَكُمُ الْبَنُوْنَ ۝٣٩ؕ اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ

سندن ٻڌندڙ (پنهنجي دعويٰ ۾ سچو آهي ته) ڪو روشن دليل آڻي ۝٣٨ يا (اي نادانو!) الله جي لاءِ نياڻيون آهن ۽ توهان جي لاءِ
پٽ آهن؟ ۝٣٩ يا (اي محمد ﷺ! انهيءَ پيغمبريءَ جي تبليغ تي تون) انهن کان ڪو اجر گهري رهيو آهين؟ پوءِ اهي چٽيءَ

اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ ۝٤٠ؕ اَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ

وچان ڳري بار هيٺ اچي ويا آهن؟ ۝٤٠ يا وٽن غيب جو علم آهي، پوءِ اهي (تنهنجي ڪم جي عاقبت جي باري ۾ فيصلو)

يَكْتُبُوْنَ ﴿٤١﴾ اَمْ يُرِيْدُوْنَ كَيْدًا ؕ فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا هُمُ

لکي رهيا آهن؟ (تہ تون فوت ٿي ويندين ۽ اهي نہ مرندا) ﴿٤١﴾ يا اهي (تنهنجي خلاف) ڪا ڳجهي تدبير ڪرڻ گهرن ٿا؟ پوءِ جيڪي ڪافر ٿيا، انهن ڪي ٿي سندن ڳجهي تدبير جو بدلو ڏنو ويندو (جو الله تعاليٰ جنگ بدر ۾ پنهنجي رسول پاڪ ﷺ جي حفاظت فرمائي ۽

الْمَكِيْدُوْنَ ﴿٤٢﴾ اَمْ لَهُمْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٤٣﴾

ڪافرن کي قتل ۽ قيد ڪيائين) ﴿٤٢﴾ يا سندن لاءِ الله کان سواءِ ٻيو معبود آهي؟ الله سندن شرڪ کان پاڪ ۽ بيزار آهي ﴿٤٣﴾

وَاِنْ يَّرَوْا كِسْفًا مِّنَ السَّمَآءِ سَاقِطًا يَّقُوْلُوْا سَحَابٌ مَّرْكُوْمٌ ﴿٤٤﴾

۽ جيڪڏهن (مڪي جا مشرڪ) آسمان تان ڇپ ڪرندي ڏسندا (تہ بہ ايمان نہ آڻيندا،) چوندا تہ هيءُ تہ ڪو وسندڙ ڪڪر آهي ﴿٤٤﴾

فَذَرْهُمْ حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ فِيْهِ يُصْعَقُوْنَ ﴿٤٥﴾ يَوْمَ لَا

پوءِ کين ڇڏي ڏي، تانجو اهو ڏينهن ڏسن جڏهن بيهوش ٿي ڪري پوندا (نہ جيئرا هوندا، نہ مئا،) ﴿٤٥﴾ ان ڏينهن کين

يُغْنِيْ عَنْهُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا وَّ لَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَ اِنَّ

(الله تعاليٰ جي عذاب کان) سندن تدبير ڪجھ بہ بچائي نہ سگهندي ۽ نہ کين مدد ڏني ويندي ﴿٤٦﴾ ۽ بيشڪ جن

لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا عَذَابًا دُوْنَ ذٰلِكَ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا

ماڻهن ظلم ڪيو، انهن جي لاءِ (دنيا ۾ ڏڪار، مصيبتن، قتل ۽ قبر جي سختيءَ) ڪان سواءِ ٻيا عذاب بہ آهن ۽ پر انهن

يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَ اصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ فَاِنَّكَ بِاَعْيُنِنَا وَ سَبِّحْ

مان گهڻا نٿا ڄاڻن ﴿٤٧﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) پنهنجي ربّ جي حڪم جي اچڻ تائين صبر ڪر. بيشڪ تون اسان جي نظر ۽ حفاظت هيٺ آهين ۽ پنهنجي ربّ جي ساراهہ سان (سندس) تسبيح بيان ڪر، جنهن وقت (پنهنجي مجلس يا ننڊ مان

بِحَمْدِ رَبِّكَ حِيْنَ تَقُوْمُ ﴿٤٨﴾ وَمِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَ اِدْبَارَ

يا نماز لاءِ) اٿندو آهين ﴿٤٨﴾ ۽ ڪجھ وقت رات جو بہ سندس تسبيح ڪر ۽ تارن جي لهڻ کان پوءِ بہ تسبيح ڪر (يعني صبح

النُّجُوْمِ ﴿٤٩﴾ ع

جي نماز پڙهہ) ﴿٤٩﴾

اٰيَاتُهَا ٦٢ (٥٣) سُوْرَةُ النَّجْمِ مَكِّيَّةٌ (٢٣) رُكُوْعَاتُهَا ٣

سورة النجم مڪي آهي، منجهس ٻاهٺ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ ، رحم ڪندڙ آهي.

وَالنَّجْمِ اِذَا هَوٰى ۙ﴿۱﴾ مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَا غَوٰى ۚ﴿۲﴾ وَمَا يَنْطِقُ

۽ ٿرِيّا جو قسم آهي! جڏهن هڪ هڪ تارو جدا جدا ٿي لهندو آهي ﴿۱﴾ توهان جو ساٿي (يعني حضرت محمد ﷺ) نه (هدايت واري

واٽ کان) ڀليو آهي ۽ نه (مشرڪن جي فاسد عقيدي مطابق باطل جي پيروي ڪرڻ سبب) نادان ٿيو آهي ﴿۲﴾ ۽ پاڻ سڳورا نفس

عَنِ الْهَوٰى ؕ﴿۳﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ۙ﴿۴﴾ عَلَّمَهٗ شَدِيْدُ

جي خواهش هيٺ نٿا ڳالهائين ﴿۳﴾ قرآن نه هڪ وحي آهي، جيڪو وحيءَ جي ذريعي موڪليو وڃي ٿو ﴿۴﴾ ڪين وڏي سگهاري

الْقُوٰى ۙ﴿۵﴾ ذُوْ مِرَّةٍ ؕ فَاسْتَوٰى ۙ﴿۶﴾ وَهُوَ بِالْاُفُقِ الْاَعْلٰى ؕ﴿۷﴾ ثُمَّ

(يعني جبريل عليه السلام قرآن) سيکاريو آهي ﴿۵﴾ جيڪو طاقتور آهي، پوءِ (پنهنجي اصل صورت ۾ نبي ﷺ جن جي سامهون سنڌن گذارش

تي) سڌو ٿي بيٺو ﴿۶﴾ ۽ پاڻ آسمان جي مٿانهين ڪناري تي هو ﴿۷﴾ پوءِ (جبريل عليه السلام، حضرت محمد ﷺ جن جي سامهون

دَنَا فَتَدَلّٰى ۙ﴿۸﴾ فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ۚ﴿۹﴾ فَاَوْحٰى اِلٰى

انساني صورت ۾) ويجهو ٿيو ﴿۸﴾ پوءِ (ٻنهي جي وچ ۾) ٻن (عربي) ڪمانن جيترو يا ان کان گهٽ مفاصلو هو ﴿۹﴾ پوءِ الله

عَبْدِهٖ مَآ اَوْحٰى ؕ﴿۱۰﴾ مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى ﴿۱۱﴾ اَفَتُمٰرُوْنَهٗ عَلٰى مَا

پنهنجي ٻانهي ڏانهن وحي موڪليو، جيڪو وحي موڪليائين ﴿۱۰﴾ (معراج ۾ پيغمبر ﷺ الله يا جبريل عليه السلام کي) دل جي اکين يا مٿي

جي اکين سان) ڏٺو، تنهن کي سنڌن دل ڪوڙو نه ڪيو ﴿۱۱﴾ پوءِ جيڪي ڪجهه پاڻ ڏٺائون، ڇا توهان ان جي باري ۾ ساڻس جهڳڙو

يَرٰى ﴿۱۲﴾ وَلَقَدْ رَاٰهُ نَزْلَةً اُخْرٰى ۙ﴿۱۳﴾ عِنْدَ سِدْرَةِ الْمُنْتَهٰى ﴿۱۴﴾

ڪريو ٿا؟ ﴿۱۲﴾ ۽ بيشڪ پاڻ (الله يا جبريل کي) ٻيو ڀيرو ڏٺو اٿن ﴿۱۳﴾ ٻير جي وڻ وٽ (جيڪا مخلوق جي علم جي

عِنْدَهَا جَنَّةُ الْمَاْوٰى ؕ﴿۱۵﴾ اِذْ يَغْشَى السِّدْرَةَ مَا يَغْشٰى ۙ﴿۱۶﴾ مَا زَاغَ

آخري حد آهي، ان کان اڳتي الله کان سوا ڪو ڪجهه نٿو ڄاڻي) ﴿۱۴﴾ اتي (شهيدن جي روحن جي رهڻ جي جاءِ) جنت ماويٰ آهي ﴿۱۵﴾

جڏهن ٻير جي وڻ کي ڍڪيو، ان شيءِ جنهن ڍڪيو (يعني سُنهري پتنگڙن ، يا ساوَن پکين، يا فرشتن يا نبي سائين ﷺ جي نور کي

الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ﴿١٧﴾ لَقَدْ رَاٰى مِنْ اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى ﴿١٨﴾ اَفَرَءَيْتُمُ

الله جي نور) ﴿١٦﴾ نه (سندس مبارک) نظر ترڇي ٿي نه اها حد کان گذري ﴿١٧﴾ بيشک (پاڻ سڳورن ﷺ معراج ۾) پنهنجي ربّ جون

اللّٰتَ وَالْعُزّٰى ﴿١٩﴾ وَمَنٰوةَ الثَّالِثَةَ الْاُخْرٰى ﴿٢٠﴾ اَلَكُمُ الذَّكَرُ وَلَهُ

وڏيون نشانيون ڏٺيون ﴿١٨﴾ (مون کي) ٻڌايو ته ڀلا لات ۽ عزيٰ ﴿١٩﴾ ۽ پوئين ٽئين منات (جن کي پوڄيو ٿا، اها قدرت رکن ٿا؟) ﴿٢٠﴾ ڇا

الْاُنْثٰى ﴿٢١﴾ تِلْكَ اِذًا قِسْمَةٌ ضِيْزٰى ﴿٢٢﴾ اِنْ هِيَ اِلَّآ اَسْمَآءٌ سَمَّيْتُمُوْهَآ

توهان لاءِ پٽ ۽ الله لاءِ ڌيئرون آهن (جو الله ڏانهن بتن ۽ فرشتن جي نسبت ڪريو ٿا ته اُن جون ڌيئرون آهن) ظالم جيڪي ڪجهه چون ٿا، اُن
کان الله پاڪ آهي.) ﴿٢١﴾ اهو ته ڏاڍو نا انصافي وارو ورهاڱو آهي ﴿٢٢﴾ اهي ته رڳو (بتن جا) ڪجهه نالا آهن، جيڪي توهان ۽ توهان جي ابن

اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا

ڏاڏن رکيا آهن. سندن (عبادت ۽ شفاعت جي) باري ۾ الله ڪو دليل نه لاٿو آهي. رڳو گمان ۽ پنهنجن (پليت) نفسن جي

الظَّنَّ وَمَا تَهْوَى الْاَنْفُسُ ۚ وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنْ رَّبِّهِمُ الْهُدٰى ﴿٢٣﴾ ؕ

سَڌن جي پيروي ڪري رهيا آهن ۽ بيشڪ (پيغمبرن جي ذريعي) وٽن سندن ربّ وٽان هدايت اچي چڪي آهي ﴿٢٣﴾

اَمْ لِلْاِنْسَانِ مَا تَمَنّٰى ﴿٢٤﴾ ۖ فَلِلّٰهِ الْاٰخِرَةُ وَالْاُوْلٰى ﴿٢٥﴾ ع وَكَمْ مِّنْ مَّلَكٍ

يا (ڪافر) انسان لاءِ اهو سڀ ڪجهه آهي، جنهن جي تمنا ڪري؟ (يعني بتن جي شفاعت) ﴿٢٤﴾ پوءِ الله لاءِ آهي انتها (يعني آخرت) ۽
ابتدا (يعني دنيا ۽ ٻنهي کان سواءِ ڪو جهان نه آهي، مگر جو الله گهري) ﴿٢٥﴾ ۽ آسمانن ۾ ڪيترا فرشتا (بتن کان وڏيڪ عزت وارا آهن)

فِى السَّمٰوٰتِ لَا تُغْنِىْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْئًا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اَنْ يَّاْذَنَ

انهن جي شفاعت ڪنهن کي (عذاب خداونديءَ کان) بچائي نٿي سگهي، مگر هن کان پوءِ جو اُن جي لاءِ الله اجازت

اللّٰهُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَرْضٰى ﴿٢٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ

ڏئي ۽ راضي ٿئي ﴿٢٦﴾ بيشڪ جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا رکن، سي فرشتن تي ڌيئرن جا نالا رکن ٿا (چون ٿا ته

لَيُسَمُّوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ تَسْمِيَةَ الْاُنْثٰى ﴿٢٧﴾ وَمَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ ؕ

اهي الله جون ڌيئرون آهي، ظالمن جي ڳالهه کان الله پاڪ آهي) ﴿٢٧﴾ ۽ ڪين اُن ڏس ۾ ڪا ڄاڻ نه آهي، رڳو گمان

اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ ج وَ اِنَّ الظَّنَّ لَا يُغْنِيْ مِنَ الْحَقِّ شَيْـًٔا ج ﴿٢٨﴾

جي پيروي ڪن ٿا ۽ بيشڪ گمان حق (يعني الله تعاليٰ جي عذاب) کان ڪجهه بچائي نٿو سگهي ﴿٢٨﴾

فَاَعْرِضْ عَنْ مَّنْ تَوَلّٰى ۙ عَنْ ذِكْرِنَا وَلَمْ يُرِدْ اِلَّا الْحَيٰوةَ

پوءِ (اي رسولن جا سردار ﷺ!) جيڪو شخص اسان جي ذڪر کان پٺي ڦيرائي ۽ جنهن جو مقصد رڳو دنيا هجي، ان

الدُّنْيَا ﴿٢٩﴾ ذٰلِكَ مَبْلَغُهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ ط اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ

کان منهن موڙ ﴿٢٩﴾ اها سندن علم جي پڄاڻي آهي (ته آخرت جي پيٽ ۾ دنيا پسند ڪن ٿا.) بيشڪ تنهنجو ربّ وڌيڪ ڄاڻي

ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۙ وَهُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اهْتَدٰى ﴿٣٠﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ

ٿو ته ڪير سندس واٽ کان گمراهه آهي ۽ اهو ئي هدايت وارن کي به وڌيڪ ڄاڻي ٿو ﴿٣٠﴾ ۽ جيڪي آسمانن ۾ جيڪي زمين ۾

وَمَا فِي الْاَرْضِ ۙ لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اَسَآءُوْا بِمَا عَمِلُوْا وَيَجْزِيَ

آهي، سڀ الله جو آهي، جيئن برائي ڪندڙن کي سندن برائين جو بدلو ڏي ۽ نيڪي ڪندڙن کي سندن ڀلائيءَ جو بدلو

الَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا بِالْحُسْنٰى ج ﴿٣١﴾ اَلَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَ

(يعني بهشت) ڏي ﴿٣١﴾ جيڪي ماڻهو وڏن گناهن ۽ بيحيائيءَ جي ڪمن کان بچن ٿا مگر ننڍا گناهه (جن تي ضد نٿا ڪن، تن

الْفَوَاحِشَ اِلَّا اللَّمَمَ ط اِنَّ رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِ ط هُوَ اَعْلَمُ بِكُمْ اِذْ

لاءِ) بيشڪ تنهنجو ربّ ڪشادي مغفرت وارو آهي. اهو توهان کي ڄاڻي ٿو، جڏهن توهان کي زمين مان پيدا ڪيائين ۽

اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَاِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ ج فَلَا

جڏهن توهان پنهنجين مائرن جي پيٽن ۾ (شروعاتي حالت ۾) ٻار هئا. پوءِ پاڻ کي نه پڏايو، اهو ان شخص کي وڌيڪ

تُزَكُّوْٓا اَنْفُسَكُمْ ط هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ع ﴿٣٢﴾ اَفَرَءَيْتَ الَّذِيْ تَوَلّٰى ۙ ﴿٣٣﴾ وَ

ڄاڻندڙ آهي، جنهن پرهيزگاري اختيار ڪئي ﴿٣٢﴾ ڇا پوءِ ان کي ڏٺئي جنهن (اسلام کان) پٺي ڏني ﴿٣٣﴾ ۽

اَعْطٰى قَلِيْلًا وَّ اَكْدٰى (۳۴) اَعِنْدَهٗ عِلْمُ الْغَيْبِ فَهُوَ يَرٰى (۳۵) اَمْ لَمْ يُنَبَّاْ

(جنهن ڪيس عذاب کان بچائڻ جي ضمانت ڏني، تنهن ڪي) ٿورو مال ڏنائين ۽ تنگ دل ٿيو (۳۴) ڇا وٽس غيب جو علم آهي؟ پوءِ اهو
(ڪمن جي پچاڙيءَ ڪي) ڏسي رهيو آهي؟ (۳۵) يا جيڪي موسىٰ (عليه السلام) جي صحيفن ۾ هو، تنهن جي ڪيس خبر ناهي ڏني وئي؟ (۳۶)

بِمَا فِیْ صُحُفِ مُوْسٰى (۳۶) وَ اِبْرٰهِيْمَ الَّذِیْ وَفّٰۤى (۳۷) اَلَّا تَزِرُ وَازِرَةٌ

۽ (جيڪي) ابراهيم (عليه السلام) جي صحيفن ۾ هو، اِهو ابراهيم) جنهن (الله ۽ صحيفن جي حڪم ڪي) پورو ڪيو (۳۷) ته ڪو بار

وِّزْرَ اُخْرٰى (۳۸) وَ اَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى (۳۹) وَ اَنَّ سَعْيَهٗ

کڻندڙ ٻئي جو بار نه کڻندو (۳۸) ۽ هيءُ ته انسان لاءِ اهو ئي آهي، جيڪي (پنهنجي نيت يا عمل سان) ڪمائيندو (۳۹) ۽ هيءُ ته

سَوْفَ يُرٰى (۴۰) ثُمَّ يُجْزٰىهُ الْجَزَآءَ الْاَوْفٰى (۴۱) وَ اَنَّ اِلٰى رَبِّكَ

جلد (عملن جي دفتر ۾) سندس ڪوشش ڪي ڏنو ويندو (۴۰) پوءِ ڪيس (سندس ڪوشش جو) پورو بدلو ڏنو ويندو (۴۱) ۽ هيءُ ته

الْمُنْتَهٰى (۴۲) وَ اَنَّهٗ هُوَ اَضْحَكَ وَ اَبْكٰى (۴۳) وَ اَنَّهٗ هُوَ اَمَاتَ وَ

سندس موٽڻ (۽ ڪمن جي پڇاڙي) سندس ربّ وٽ آهي (۴۲) ۽ هيءُ ته الله ئي (مخلوق ڪي) کلائي ۽ رئاري ٿو (۴۳) ۽ هيءُ ته

اَحْيَا (۴۴) وَ اَنَّهٗ خَلَقَ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَ الْاُنْثٰى (۴۵) مِنْ نُّطْفَةٍ اِذَا

اهو ئي ماري ٿو ۽ جياري ٿو (۴۴) ۽ هيءُ ته انهيءَ ئي مرد ۽ عورت جو جوڙو پيدا ڪيو (۴۵) منيءَ جي هڪڙي ڦڙي مان جڏهن

تُمْنٰى (۴۶) وَ اَنَّ عَلَيْهِ النَّشْاَةَ الْاُخْرٰى (۴۷) وَ اَنَّهٗ هُوَ اَغْنٰى وَ اَقْنٰى (۴۸)

(ماءُ جي رحم ۾) وڌو ويندو آهي (۴۶) ۽ هيءُ ته (مخلوق جي مرڻ کان پوءِ) ٻيو پيرو جيارڻ به ان جو ڪم آهي (۴۷) ۽ هيءُ ته

وَ اَنَّهٗ هُوَ رَبُّ الشِّعْرٰى (۴۹) وَ اَنَّهٗۤ اَهْلَكَ عَادَا ِ الْاُوْلٰى (۵۰) وَ ثَمُوْدَاۡ

اهو ئي غني ۽ اهو ئي تنگدست ڪري ٿو (۴۸) ۽ هيءُ ته اهو ئي شعريٰ تاري جو ربّ آهي (جنهن ڪي ڪي مشرڪ پوڄين ٿا) (۴۹) ۽
هيءُ ته انهيءَ اڳئين عاد ڪي هلاڪ ڪيو (۵۰) ۽ (صالح عليه السلام جي قوم) ثمود ڪي (به هلاڪ ڪيائين) پوءِ انهن مان (ڪنهن ڪي)

فَمَاۤ اَبْقٰى (۵۱) وَ قَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا هُمْ اَظْلَمَ وَ

باقي نه ڇڏيائين (۵۱) ۽ ان کان اڳ نوح جي قوم ڪي (هلاڪ ڪيائين) بيشڪ اهي (قوم نوح وارا) وڏا ظالم ۽ وڏا سرڪش

اَطْغٰى ﴿٥٢﴾ وَالْمُؤْتَفِكَةَ اَهْوٰى ﴿٥٣﴾ فَغَشّٰىهَا مَا غَشّٰى ﴿٥٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ

هئا ﴿٥٢﴾ ۽ (لوط جي قوم جون) اونڌيون وسنديون ﴿٥٣﴾ پوءِ ڪين ڍڪيو، جنهن شيءِ ڍڪيو (يعني پٿرن جي وسڪاري) ﴿٥٤﴾

رَبِّكَ تَتَمَارٰى ﴿٥٥﴾ هٰذَا نَذِيْرٌ مِّنَ النُّذُرِ الْاُوْلٰى ﴿٥٦﴾ اَزِفَتِ الْاٰزِفَةُ ﴿٥٧﴾

پوءِ (اي انسان!) پنهنجي ربّ جي ڪهڙين نعمتن ۾ شڪ ڪندين؟ ﴿٥٥﴾ هيءُ (پيغمبر ﷺ يا هيءُ قرآن) اڳين ڊيجاريندڙن مان هڪڙو ڊيجاريندڙ (رسول ﷺ يا هڪڙو ڪتاب) آهي ﴿٥٦﴾ ويجهو اچڻ وارو (يعني قيامت جو ڏينهن) ويجهو اچي چڪو آهي ﴿٥٧﴾

لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ كَاشِفَةٌ ﴿٥٨﴾ اَفَمِنْ هٰذَا الْحَدِيْثِ

نہ آهي ۽ نہ هوندو ان کي الله کان سواءِ ڪو ظاهر ڪرڻ وارو ﴿٥٨﴾ چا پوءِ توهين انهيءَ ڪلام (يعني قرآن مجيد)

تَعْجَبُوْنَ ﴿٥٩﴾ وَتَضْحَكُوْنَ وَلَا تَبْكُوْنَ ﴿٦٠﴾ وَاَنْتُمْ سٰمِدُوْنَ ﴿٦١﴾

تي تعجب ڪريو ٿا؟ ﴿٥٩﴾ ۽ کلو ٿا ۽ روئو نٿا؟ ﴿٦٠﴾ ۽ توهان راند روند ڪريو ٿا (يعني غافل ٿيو ٿا؟) ﴿٦١﴾

فَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ وَاعْبُدُوْا ﴿٦٢﴾ ع السجدة

السَّجدة ١٢

پوءِ الله کي سجدو ڪريو ۽ موحّد ٿي ان جي عبادت ڪريو ﴿٦٢﴾

اٰيَاتُهَا ٥٥ (٥٤) سُوْرَةُ الْقَمَرِ مَكِّيَّةٌ (٣٧) رُكُوْعَاتُهَا ٣

سورة القمر مڪي آهي. منجهس پنجونجاهہ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو دنيا ۾ عام رحم ڪندڙ ۽ آخرت ۾ خاص رحم ڪندڙ آهي.

اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَانْشَقَّ الْقَمَرُ ﴿١﴾ وَاِنْ يَّرَوْا اٰيَةً يُّعْرِضُوْا وَ

قيامت ويجهي اچي چڪي ۽ (نبين جي سردار جي آڱر جي اشاري سان) چنڊ بہ ٽڪر ٿي چڪو ﴿١﴾ ۽ جيڪڏهن (مڪي وارا حضرت محمد ﷺ جن جي سچائي جي) ڪا نشاني ڏسن ٿا تہ منهن موڙين ٿا ۽ چون ٿا تہ هيءُ سگهارو، يا دائمي، يا

يَقُوْلُوْا سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ ﴿٢﴾ وَكَذَّبُوْا وَاتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ وَكُلُّ اَمْرٍ

ڪوڙو، يا باطل کي ختم ڪندڙ جادو آهي ﴿٢﴾ ۽ ڪوڙو ڪيائون ۽ پنهنجين (باطل) خواهشن جي پيروي ڪيائون ۽

مُّسْتَقِرٌّ ③ وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنَ الْاَنْۢبَآءِ مَا فِيْهِ مُزْدَجَرٌ ④

هر ڪم لاءِ (چاهي ڀلائيءَ جو ڪم هجي، يا برائيءَ جو ڪم هجي، سچ هجي يا ڪوڙ هجي)، هڪ وقت مقرر آهي. (جنتين لاءِ جنت
جو ثواب ۽ دوزخين لاءِ دوزخ جو عذاب آهي.) ③ ۽ بيشڪ وٽن (قرآن ۾ اڳين امتن جون) خبرون اچي چڪيون آهن، جن ۾ وڏو چتاءُ

وقف لازم

حِكْمَةٌۢ بَالِغَةٌ فَمَا تُغْنِ النُّذُرُ ⑤ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ ۘ يَوْمَ يَدْعُ

آهي ④ (۽ انهن ڳالهين ۾) ڪامل دانائي آهي. پوءِ (ڪوڙن ۽ بدبختن کي) ڊيڄارڻ ڪهڙو فائدو ڏيندو؟ ⑤ پوءِ (اي محمد ﷺ!) انهن
کان منهن موڙ (۽ ياد ڪر جڏهن قيامت جي) ڏينهن پڪاريندڙ (اسرافيل عليه السلام) اڻ وڻندڙ شيءِ (يعني حساب يا دوزخ) ڏانهن

الدَّاعِ اِلٰى شَيْءٍ نُّكُرٍ ⑥ خُشَّعًا اَبْصَارُهُمْ يَخْرُجُوْنَ مِنَ

پڪاريندو ⑥ (سڀ ماڻهو) پنهنجيون نگاهون جهڪائي قبرن مان ٻاهر نڪري ايندا، ڄڻ ته اهي پکڙيل ماڪڙ (جا ولر)

الْاَجْدَاثِ كَاَنَّهُمْ جَرَادٌ مُّنْتَشِرٌ ⑦ مُّهْطِعِيْنَ اِلَى الدَّاعِ ؕ يَقُوْلُ

آهن ⑦ پڪاريندڙ (يعني اسرافيل عليه السلام) ڏانهن ڪنڌ جهڪائي (متوجّه ٿيندا.) ڪافر چوندا ته هيءُ ته هڪ سخت

الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا يَوْمٌ عَسِرٌ ⑧ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ فَكَذَّبُوْا

ڏينهن آهي ⑧ هنن (يعني تنهنجي قوم) کان اڳ نوح (عليه السلام) جي قوم به ڪوڙو ڪيو، پوءِ انهن اسان جي ٻانهي کي

عَبْدَنَا وَقَالُوْا مَجْنُوْنٌ وَّازْدُجِرَ ⑨ فَدَعَا رَبَّهٗۤ اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ

ڪوڙو ڪيو ۽ چيائون ته (هيءُ) ته ڪو چريو شخص آهي ۽ کيس (دعوت ڏيڻ ۽ ڳالهائڻ وقت) جهڙڪيو ويو (۽ ڪوڙو ڪرڻ ۽ چريائپ
جي نسبت ڪرڻ کان سواءِ کيس گهٽ وڌ ڳالهايو ويو ۽ ماريو ڪُٽيو ويو) ⑨ پوءِ ان پنهنجي رب کي پڪاريو ته آءٌ مغلوب آهيان، پوءِ

فَانْتَصِرْ ⑩ فَفَتَحْنَآ اَبْوَابَ السَّمَآءِ بِمَآءٍ مُّنْهَمِرٍ ⑪ ۖ وَّفَجَّرْنَا

بدلو وٺ ⑩ پوءِ اسان زوردار مينهن لاءِ آسمان جا دروازا کولي ڇڏيا ⑪ ۽ زمين جا چشما جاري ڪياسون

الْاَرْضَ عُيُوْنًا فَالْتَقَى الْمَآءُ عَلٰۤى اَمْرٍ قَدْ قُدِرَ ⑫ ۚ وَحَمَلْنٰهُ عَلٰى

پوءِ (زمين ۽ آسمان جو سڀ) پاڻي تقدير (يعني لوح محفوظ) ۾ لکيل ڪم لاءِ گڏ ٿي ويو ⑫ ۽ نوح کي تختن ۽ ڪوڪن

ذَاتِ اَلْوَاحٍ وَّدُسُرٍ ⑬ تَجْرِيْ بِاَعْيُنِنَا ۚ جَزَآءً لِّمَنْ كَانَ كُفِرَ ⑭ وَ

واري (ٻيڙيءَ) ۾ سوار ڪيوسون ⑬ اها اسان جي نگرانيءَ هيٺ هلي رهي هئي. ان شخص (يعني نوح عليه السلام) جو

لَقَدْ تَّرَكْنٰهَآ اٰيَةً فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿١٥﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَ

بدلوونڻ لاءِ جنهن جو ڪفر ڪيو ويو ﴿١٤﴾ ۽ بيشڪ اسان انهيءَ (ٻيڙي يا انهيءَ قصي) کي هڪ نشاني بڻائي ڇڏيو، ڇا پوءِ
آهي ڪو نصيحت وٺندڙ ؟ ﴿١٥﴾ پوءِ ڪيئن آهي منهنجو عذاب ۽ منهنجو ڊيڄارڻ (يا ڪيئن آهي منهنجي حڪم جي

نُذُرِ ﴿١٦﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿١٧﴾ كَذَّبَتْ

پڇاڙي؟) ﴿١٦﴾ ۽ بيشڪ اسان قرآن کي نصيحت لاءِ آسان ڪيو آهي، ڇا پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺندڙ ؟ ﴿١٧﴾ (۽ هود جي قوم)

عَادٌ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿١٨﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا صَرْصَرًا

عاد ڪوڙو ڪيو، پوءِ ڪيئن آهي منهنجو عذاب ۽ منهنجو ڊيڄارڻ؟ ﴿١٨﴾ بيشڪ اسان انهن تي دائمي منحوس ڏينهن ۾

فِيْ يَوْمِ نَحْسٍ مُّسْتَمِرٍّ ﴿١٩﴾ تَنْزِعُ النَّاسَ ۙ كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ

طوفاني هوا موڪلي ﴿١٩﴾ ماڻهن کي (سندن مضبوط جاين مان) ڇڪي ڪيدي رهي هئي جڻ ته پاڙ کان پٽيل کجيءَ جا ٿڙ

مُّنْقَعِرٍ ﴿٢٠﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٢١﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ

آهن ﴿٢٠﴾ پوءِ ڪيئن آهي منهنجو عذاب ۽ منهنجو ڊيڄارڻ؟ ﴿٢١﴾ ۽ بيشڪ اسان قرآن کي نصيحت لاءِ آسان ڪيو آهي، ڇا پوءِ

لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٢٢﴾ ع كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِالنُّذُرِ ﴿٢٣﴾ فَقَالُوْٓا اَبَشَرًا ع ٢٢ ٨

آهي ڪو نصيحت حاصل ڪندڙ ؟ ﴿٢٢﴾ (صالح عليه السلام جي قوم) ثمود ڊيڄاريندڙن کي ڪوڙو ڪيو ﴿٢٣﴾ ڇيائون ته ڇا پاڻ مان هڪ

مِّنَّا وَاحِدًا نَّتَّبِعُهٗٓ ۙ اِنَّآ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ وَّسُعُرٍ ﴿٢٤﴾ ءَاُلْقِيَ الذِّكْرُ

بشر جي پيروي ڪريون؟ پڪ تڏهن ته اسين گمراهي ۽ چريائپ ۾ ٿينداسون ﴿٢٤﴾ ڇا اسان جي بجاءِ مٿس نصيحت لاٿي

عَلَيْهِ مِنْۢ بَيْنِنَا بَلْ هُوَ كَذَّابٌ اَشِرٌ ﴿٢٥﴾ سَيَعْلَمُوْنَ غَدًا مَّنِ

وئي آهي؟ بلڪ اهو ڪوڙو ۽ وڏو ڪو شرير ماڻهو آهي ﴿٢٥﴾ سگهوئي سڀاڻي (آخرت ۾) ڄاڻندا ته وڏو ڪوڙو، وڏيڪ شرير

الْكَذَّابُ الْاَشِرُ ﴿٢٦﴾ اِنَّا مُرْسِلُوا النَّاقَةِ فِتْنَةً لَّهُمْ فَارْتَقِبْهُمْ وَ

ڪير آهي ؟ ﴿٢٦﴾ بيشڪ اسين ڪين آزمائڻ لاءِ ڏاچي موڪلڻ وارا آهيون. پوءِ (اي صالح!) سندن (هلاڪت جو) انتظار ڪر ۽

اصْطَبِرْ ﴿٢٧﴾ وَنَبِّئْهُمْ اَنَّ الْمَآءَ قِسْمَةٌۢ بَيْنَهُمْ ۚ كُلُّ شِرْبٍ مُّحْتَضَرٌ ﴿٢٨﴾

(ايذاءَ تي) صبر ڪر ﴿٢٧﴾ ۽ کين ٻڌاءِ تہ سندن وچ ۾ پاڻي جو وارو (مقرر ٿيل) آهي. هر هڪ پاڻي جي واريءَ تي حاضر

فَنَادَوْا صَاحِبَهُمْ فَتَعَاطٰى فَعَقَرَ ﴿٢٩﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِىْ وَنُذُرِ ﴿٣٠﴾

ٿئي ﴿٢٨﴾ (هڪ ڏينهن سڀ پاڻي ڏاچي پيئي ۽ هڪ ڏينهن ٻيا پاڻي وٺن. ڏاچي جي پاڻي پيئڻ جي ڏينهن هر شخص کير جو ٿانءُ پري.)
پوءِ پنهنجي ساٿي (وڏي بدبخت قدار بن سالف) کي سڏيائون، ان ڏاچيءَ کي ماري ڇڏيو. ﴿٢٩﴾ پوءِ ڪيئن آهي منهنجو عذاب ۽

اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَكَانُوْا كَهَشِيْمِ الْمُحْتَظِرِ ﴿٣١﴾

منهنجو ڏيچارڻ؟ ﴿٣٠﴾ بيشڪ اسان انهن تي (جبريل عليه السلام جي) هڪڙي رڙ موڪلي، پوءِ اهي (اٺي جو اٺي) لتاڙيل لوڙهي

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٣٢﴾ كَذَّبَتْ قَوْمُ

وانگر ڍير ٿي پيا ﴿٣١﴾ ۽ بيشڪ اسان قرآن کي نصيحت لاءِ آسان ڪيو آهي، ڇا پوءِ آهي ڪو نصيحت حاصل ڪندڙ؟ ﴿٣٢﴾ لوط

لُوْطٍۭ بِالنُّذُرِ ﴿٣٣﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ حَاصِبًا اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ ؕ

(عليه السلام) جي قوم پيغمبرن کي ڪوڙو ڪيو ﴿٣٣﴾ بيشڪ اسان انهن تي پٿرن جو عذاب موڪليو، مگر لوط جي گهر وارا. انهن کي

نَجَّيْنٰهُمْ بِسَحَرٍ ﴿٣٤﴾ لا نِّعْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِىْ مَنْ

اسر جي وقت نجات ڏني سون ﴿٣٤﴾ پنهنجي طرفان انعام ڪندي، اهڙي طرح ان شخص کي بدلو ڏيندا آهيون، جيڪو

شَكَرَ ﴿٣٥﴾ وَلَقَدْ اَنْذَرَهُمْ بَطْشَتَنَا فَتَمَارَوْا بِالنُّذُرِ ﴿٣٦﴾ وَلَقَدْ رَاوَدُوْهُ

شڪر ڪري ﴿٣٥﴾ ۽ بيشڪ (لوط عليه السلام) کين اسان جي پڪڙ (۽ عذاب) کان ڏيچاريو، پوءِ ڏيچاريندڙن تي شڪ ڪيائون ﴿٣٦﴾ ۽

عَنْ ضَيْفِهٖ فَطَمَسْنَآ اَعْيُنَهُمْ فَذُوْقُوْا عَذَابِىْ وَنُذُرِ ﴿٣٧﴾ وَلَقَدْ

بيشڪ کيس سندس مهمانن کان ورغلائڻ جي ڪوشش ڪيائون. پوءِ اسان سندن اکيون ميساري ڇڏيون (۽ جبريل عليه السلام کين پنهنجو
پر هنيو، جنهن ڪري اهي انڌا ٿيندا، ڪرندا ويا) پوءِ (چيوسون تہ) منهنجي عذاب ۽ منهنجي ڏيچارڻ (جو مزو) چکو ﴿٣٧﴾ ۽ بيشڪ

صَبَّحَهُمْ بُكْرَةً عَذَابٌ مُّسْتَقِرٌّ ﴿٣٨﴾ ۚ فَذُوْقُوْا عَذَابِىْ وَنُذُرِ ﴿٣٩﴾

انهن تي صبح جي وقت هميشہ رهندڙ عذاب آيو ﴿٣٨﴾ پوءِ (چيوسون تہ) منهنجي عذاب ۽ منهنجي ڏيچارڻ (جو مزو) چکو ﴿٣٩﴾

ع ١٨ ٢ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ۴۰ ع وَلَقَدْ جَآءَ اٰلَ

۽ بيشڪ اسان قرآن کي نصيحت لاءِ آسان ڪيو آهي، ڇا پوءِ آهي ڪو نصيحت حاصل ڪندڙ؟ ۴۰ ۽ بيشڪ فرعون

فِرْعَوْنَ النُّذُرُ ۴۱ ج كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كُلِّهَا فَاَخَذْنٰهُمْ اَخْذَ عَزِيْزٍ

جي قوم وٽ ڊيڄاريندڙ آيا ۴۱ انهن اسان جي سڀني نشانين کي ڪوڙو ڪيو، پوءِ ڪين پڪڙيوسون زبردست

مُّقْتَدِرٍ ۴۲ اَكُفَّارُكُمْ خَيْرٌ مِّنْ اُولٰٓئِكُمْ اَمْ لَكُمْ بَرَآءَةٌ فِى

طاقت سان پڪڙڻ ۴۲ ڇا توهان جا (قريش يا عربن جا) ڪافر انهن (اڳين ڪافرن) کان (طاقت ۽ عظمت ۾) وڌيڪ آهن

الزُّبُرِ ۴۳ ج اَمْ يَقُوْلُوْنَ نَحْنُ جَمِيْعٌ مُّنْتَصِرٌ ۴۴ سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ

يا توهان لاءِ (آسماني) ڪتابن ۾ (عذاب خداونديءَ کان) ڇوٽڪارو لکيل آهي، جنهن جي ڪري توهان ان کان امن ۾ آهيو؟ ۴۳
يا چئي رهيا آهن ته اسان جي جماعت (ڏاڍي سگهاري ۽) بدلو وٺندڙ آهي؟ ۴۴ سگهوئي سندن لشڪر شڪست کائيندا ۽ پٺي

وَيُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ ۴۵ بَلِ السَّاعَةُ مَوْعِدُهُمْ وَالسَّاعَةُ اَدْهٰى وَ

ڦيرائي ڀڄندا ۴۵ بلڪ قيامت سندن (عذاب جي) وعدي جو ڏينهن آهي ۽ قيامت جو عذاب وڌيڪ سخت ۽ ڪڙو

اَمَرُّ ۴۶ اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِىْ ضَلٰلٍ وَّسُعُرٍ ۴۷ م يَوْمَ يُسْحَبُوْنَ فِى وقف لازم

آهي ۴۶ بيشڪ ڏوهاري (۽ ڪافر دنيا ۾) گمراهيءَ ۾ ۽ (آخرت ۾) ساڙيندڙ باهه ۾ آهن ۴۷ (۽ ياد ڪر قيامت جي)

النَّارِ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ ط ذُوْقُوْا مَسَّ سَقَرَ ۴۸ اِنَّا كُلَّ شَىْءٍ

ڏينهن کي جڏهن ڪين باهه ۾ اونڌي منهن گهليو ويندو (چيو ويندو ته) باهه جي عذاب (جو مزو) چکو ۴۸ بيشڪ اسان هر

خَلَقْنٰهُ بِقَدَرٍ ۴۹ وَمَآ اَمْرُنَآ اِلَّا وَاحِدَةٌ كَلَمْحٍ بِالْبَصَرِ ۵۰ وَلَقَدْ

شيءِ کي اندازي (يعني لوح محفوظ ۾ لکيل تقدير) مطابق خلقيو آهي ۴۹ ۽ نه آهي اسان جو فرمان (ڪنهن شيءِ جي باري ۾ جنهن
کي پيدا ڪرڻ گهرون)، مگر هڪ (ڪلمه ڪُن جو چوڻ) (پوءِ اها شيءِ) اک ڇنڀ ۾ ٿي پوندي آهي ۵۰ ۽ بيشڪ اسان قرآن کي

اَهْلَكْنَآ اَشْيَاعَكُمْ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ۵۱ وَكُلُّ شَىْءٍ فَعَلُوْهُ فِى

نصيحت لاءِ آسان ڪيو آهي، ڇا پوءِ آهي ڪو نصيحت حاصل ڪندڙ؟ ۵۱ ۽ جيڪي به ڪم اهي ڪن ٿا، سي سڀ ڪتابن

الزُّبُرِ ﴿٥٢﴾ وَكُلُّ صَغِيْرٍ وَّكَبِيْرٍ مُّسْتَطَرٌ ﴿٥٣﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ

(يعني اعمالنامن) ۾ لکيل آهن ﴿٥١﴾ ۽ هر ننڍو ۽ وڏو ڪم (تقدير ۾) لکيل آهي ﴿٥٣﴾ بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ نهرن ۾

وَّنَهَرٍ ﴿٥٤﴾ فِيْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٥٥﴾ ع

هوندا ﴿٥٤﴾ ويهڻ جي سچي جاءِ تي (جتي ڪا اجائي ۽ گناهه جي ڳالهه نه هوندي ۽) طاقتور بادشاهه وٽ هوندا ﴿٥٥﴾

اٰيَاتُهَا ٧٨ — (٥٥) سُوْرَةُ الرَّحْمٰنِ مَدَنِيَّةٌ (٩٧) — رُكُوْعَاتُهَا ٣

سورة الرحمٰن مدني آهي. هن ۾ اٺهتر آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عام ۽ خاص تي رحم ڪندڙ آهي.

اَلرَّحْمٰنُ ﴿١﴾ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ ﴿٢﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ ﴿٣﴾ عَلَّمَهُ الْبَيَانَ ﴿٤﴾

ٻاجهاري الله ﴿١﴾ (پنهنجي پيغمبر ﷺ يا امت کي) قرآن سيکاريو ﴿٢﴾ انسان کي پيدا ڪيائين ﴿٣﴾ کيس ڳالهائڻ سيکاريائين ﴿٤﴾

اَلشَّمْسُ وَالْقَمَرُ بِحُسْبَانٍ ﴿٥﴾ وَّالنَّجْمُ وَالشَّجَرُ يَسْجُدٰنِ ﴿٦﴾ وَالسَّمَآءَ

سج ۽ چنڊ مقرر ڪيل حساب سان هلن ٿا ﴿٥﴾ ۽ ٻوٽا ۽ وڻ (الله کي) سجدو ڪن ٿا (ان ۾ الله جي توحيد ۽ قدرت لاءِ دليل آهي) ﴿٦﴾ ۽

رَفَعَهَا وَوَضَعَ الْمِيْزَانَ ﴿٧﴾ اَلَّا تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ﴿٨﴾ وَاَقِيْمُوا

آسمان کي مٿي ڪيائين ۽ (عدل يا قرآن جي) ساهمي رکيائين ﴿٧﴾ ته تارازوءَ ۾ ناانصافي نه ڪريو ﴿٨﴾ ۽

الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ﴿٩﴾ وَالْاَرْضَ وَضَعَهَا

انصاف سان تور (۽ ماپ پوري) ڪريو ۽ تارازوءَ ۾ گهٽتائي نه ڪريو ﴿٩﴾ ۽ (الله تعاليٰ) زمين کي مخلوق لاءِ

لِلْاَنَامِ ﴿١٠﴾ فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّالنَّخْلُ ذَاتُ الْاَكْمَامِ ﴿١١﴾ وَالْحَبُّ

وڇائي ڇڏيو ﴿١٠﴾ منجهس (قسمين قسمين) ميوا ۽ ڪجين جي ميون وارا وڻ آهن ﴿١١﴾ ۽ ٻُهن وارو اناج ۽

ذُو الْعَصْفِ وَ الرَّيْحَانُ ﴿١٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٣﴾

خوشبودار گل ڦل آهن ﴿١٢﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿١٣﴾

خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ ﴿١٤﴾ وَ خَلَقَ الْجَآنَّ مِنْ

انسان کي ڪڙڪندڙ ٺڪر جهڙي مٽيءَ مان پيدا ڪيائين ﴿١٤﴾ ۽ جنن کي باهه جي چيڙيءَ مان پيدا

مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ ﴿١٥﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٦﴾ رَبُّ الْمَشْرِقَيْنِ

ڪيائين ﴿١٥﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿١٦﴾ (سرديءَ

وَرَبُّ الْمَغْرِبَيْنِ ﴿١٧﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٨﴾ مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ

۽ گرميءَ جي) ٻنهي اوڀرن جو ربّ آهي ۽ ٻنهي اولهن جو ربّ آهي ﴿١٧﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي
ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿١٨﴾ ٻہ سمنڊ (هڪڙو مٺي پاڻي وارو ۽ ٻيو کاري پاڻي وارو آهي.) ٻئي پاڻ ۾ گڏجي

يَلْتَقِيٰنِ ﴿١٩﴾ بَيْنَهُمَا بَرْزَخٌ لَّا يَبْغِيٰنِ ﴿٢٠﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

وهن ٿا ﴿١٩﴾ ٻنهي جي وچ ۾ پردو (۽ روڪ) آهي، ٻئي پاڻ ۾ نٿا ملن ﴿٢٠﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي

تُكَذِّبٰنِ ﴿٢١﴾ يَخْرُجُ مِنْهُمَا اللُّؤْلُؤُ وَ الْمَرْجَانُ ﴿٢٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ

ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٢١﴾ انهن ٻنهي مان موتي ۽ مرجان نڪرن ٿا ﴿٢٢﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي

رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٣﴾ وَلَهُ الْجَوَارِ الْمُنْشَئٰتُ فِي الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ﴿٢٤﴾

پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٢٣﴾ ۽ سندس (ئي حڪم سان) سمنڊ ۾ جبلن جيڏا جهاز هلن ٿا ﴿٢٤﴾

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٥﴾ كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ﴿٢٦﴾ وَّ يَبْقٰى وَجْهُ ع ٢٥

پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٢٥﴾ انهيءَ (زمين) ۾ جيڪا بہ
(مخلوق) آهي، اها سموري فنا ٿيڻ واري آهي ﴿٢٦﴾ ۽ تنهنجي عزت ۽ جلال واري ربّ جي (بي مثال) ذات (بابرڪات) ئي

رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ وَ الْاِكْرَامِ ﴿٢٧﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٨﴾

باقي رهڻ واري ﴿٢٧﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٢٨﴾

يَسْـَٔلُهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِيْ شَاْنٍ ۚ﴿٢٩﴾

جيڪي بہ شيون آسمانن ۽ زمين ۾ آهن (سڀ سڀ) انهيءَ کان (روزي، بخشش ۽ ضرورت جي هر شيءِ گهرن ٿا) هر ڏينهن سندس

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٠﴾ سَنَفْرُغُ لَكُمْ اَيُّهَ الثَّقَلٰنِ ۚ﴿٣١﴾

نئون شان آهي (يعني موت، زندگي، دلين جو کولڻ ۽ بند ڪرڻ، عزت ڏيڻ ۽ ذليل ڪرڻ) ﴿٢٩﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي
ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٣٠﴾ اي جنو ۽ انسانو! (مهلت ختم ٿيڻ تي) سگهوئي توهان کان (حساب وٺڻ لاءِ)

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٢﴾ يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ اِنِ

فارغ ٿينداسون ﴿٣١﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٣٢﴾ اي جنن ۽ انسانن جي

اسْتَطَعْتُمْ اَنْ تَنْفُذُوْا مِنْ اَقْطَارِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ فَانْفُذُوْا ؕ

جماعت! جيڪڏهن توهان (موت کان ڀڄڻ لاءِ) آسمانن ۽ زمينن جي پاسن کان نڪرڻ جي ڪوشش ڪريو تہ ڀلي نڪرو، (پر) نڪري نہ

لَا تَنْفُذُوْنَ اِلَّا بِسُلْطٰنٍ ۚ﴿٣٣﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٤﴾ يُرْسَلُ

سگهندا مگر طاقت سان (يعني ايمان ۽ اطاعت جي دليل سان) ﴿٣٣﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين

عَلَيْكُمَا شُوَاظٌ مِّنْ نَّارٍ ۙ وَّنُحَاسٌ فَلَا تَنْتَصِرٰنِ ۚ﴿٣٥﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ

ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٣٤﴾ (قيامت جي ڏينهن) توهان تي (ڪڏهن) باھ جا اُلا ۽ (ڪڏهن) دونهون اڇلايو ويندو پوءِ توهان مقابلو نہ
ڪري سگهندا (۽ ان کي روڪي نہ سگهندا، ڇاڪاڻ تہ مخلوق تي هر طرف کان ڇانيل هوندو) ﴿٣٥﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي

رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٦﴾ فَاِذَا انْشَقَّتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ وَرْدَةً

ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٣٦﴾ پوءِ جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو، پوءِ ڳاڙهي چم وانگر ٿي پوندو ﴿٣٧﴾

كَالدِّهَانِ ۚ﴿٣٧﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٨﴾ فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُسْـَٔلُ

پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٣٨﴾ پوءِ ان ڏينهن نہ ڪنهن انسان کان

عَنْ ذَنْۢبِهٖٓ اِنْسٌ وَّلَا جَآنٌّ ۚ﴿٣٩﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٠﴾

سندس گناه بابت پڇبو ۽ نہ ڪنهن جن کان ﴿٣٩﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار

يُعْرَفُ الْمُجْرِمُوْنَ بِسِيْمٰهُمْ فَيُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِيْ وَالْاَقْدَامِ ﴿٤١﴾

ڪندا؟ ﴿٤٠﴾ ڏوهارين کي سندن پيشانين مان سڃاتو ويندو (سندن منهن ڪارا ۽ سندن اکيون نيريون هونديون) پوءِ انهن

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٢﴾ هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ يُكَذِّبُ بِهَا

کي پيشانين ۽ پيرن کان پڪڙي (دوزخ ۾ اڇلايو) ويندو ﴿٤١﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي
ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا ؟ ﴿٤٢﴾ (ڪين چئبو تہ) هي آهي اهو جهنم جنهن کي ڏوهاري (يعني ڪافر)

الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ يَطُوْفُوْنَ بَيْنَهَا وَبَيْنَ حَمِيْمٍ اٰنٍ ﴿٤٤﴾ فَبِاَيِّ وقف لازم

ڪوڙو ڪندا هئا ﴿٤٣﴾ ڪين دوزخ جي وچ ۾ ۽ تهڪندڙ پاڻيءَ جي وچ ۾ چڪر ڏياريا ويندا(ڪڏهن باهہ وٽ آندا ويندا تہ
ڪڏهن تهڪندڙ پاڻيءَ وٽ) ﴿٤٤﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٥﴾ وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿٤٦﴾ فَبِاَيِّ ع ١٢

انڪار ڪندا؟ ﴿٤٥﴾ ۽ جيڪو شخص پنهنجي ربّ جي سامهون (حساب لاءِ) بيهڻ کان ڊڄي، تنهن لاءِ ٻہ باغ آهن ﴿٤٦﴾ پوءِ

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٧﴾ ذَوَاتَآ اَفْنَانٍ ﴿٤٨﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٤٧﴾ ٻئي گهاٽن وڻن وارا باغ
آهن ﴿٤٨﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٤٩﴾ ٻنهي ۾ ٻہ چشما

تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٩﴾ فِيْهِمَا عَيْنٰنِ تَجْرِيٰنِ ﴿٥٠﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

جاري آهن ﴿٥٠﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٥١﴾

تُكَذِّبٰنِ ﴿٥١﴾ فِيْهِمَا مِنْ كُلِّ فَاكِهَةٍ زَوْجٰنِ ﴿٥٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

انهن ٻنهي باغن ۾ ٻن ٻن قسمن جا ميوا آهن ﴿٥٢﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو

تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٣﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى فُرُشٍۢ بَطَآىِٕنُهَا مِنْ اِسْتَبْرَقٍ ۭ وَجَنَا

انڪار ڪندا؟ ﴿٥٣﴾ وڇاڻن (۽ وهاڻن) تي ٽيڪ ڏيئي ويهندا، جن جا استر ريشم مان هوندا ۽ ٻنهي باغن جا ميوا ويجها هوندا،

الْجَنَّتَيْنِ دَانٍ ﴿٥٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٥﴾ فِيْهِنَّ قٰصِرٰتُ

(ويٺي ويٺي پٽي کائيندا.) ﴿٥٤﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٥٥﴾

الطَّرۡفِ ۙ لَمۡ يَطۡمِثۡهُنَّ اِنۡسٌ قَبۡلَهُمۡ وَلَا جَآنٌّ ۚ﴿۵۶﴾ فَبِاَىِّ اٰلَآءِ

انهن ۾ هيٺ اکيون جهڪائيندڙ زالون آهن(يعني جيڪي رڳو مڙسن ڏانهن نهاريندڙيون) جن کي انهن کان اڳ نه

رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۚ﴿۵۷﴾ كَاَنَّهُنَّ الۡيَاقُوۡتُ وَالۡمَرۡجَانُ ۚ﴿۵۸﴾ فَبِاَىِّ اٰلَآءِ

ڪنهن انسان هٿ لاتو هوندو ۽ نه ڪنهن جن ﴿۵۶﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟
﴿۵۷﴾ چڻ ته اهي(صفائي سٿرائي ۾) ياقوت ۽ (اڇاڻ ۾) مرجان آهن ﴿۵۸﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين

رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۵۹﴾ هَلۡ جَزَآءُ الۡاِحۡسَانِ اِلَّا الۡاِحۡسَانُ ۚ﴿۶۰﴾ فَبِاَىِّ

ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿۵۹﴾ نيڪيءَ جو بدلو نيڪي ئي آهي ﴿۶۰﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۶۱﴾ وَمِنۡ دُوۡنِهِمَا جَنَّتٰنِ ۚ﴿۶۲﴾ فَبِاَىِّ اٰلَآءِ

ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿۶۱﴾ ۽ انهن کان سواءِ ٻه ٻيا باغ آهن ﴿۶۲﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي

رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۙ﴿۶۳﴾ مُدۡهَآمَّتٰنِ ۚ﴿۶۴﴾ فَبِاَىِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۚ﴿۶۵﴾

ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿۶۳﴾ سهڻا ساوڪ ۽ رونق وارا ﴿۶۴﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي

فِيۡهِمَا عَيۡنٰنِ نَضَّاخَتٰنِ ۚ﴿۶۶﴾ فَبِاَىِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۶۷﴾

ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿۶۵﴾ ٻنهي ۾ تيز وهندڙ ٻه چشما آهن ﴿۶۶﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ

فِيۡهِمَا فَاكِهَةٌ وَّنَخۡلٌ وَّرُمَّانٌ ۚ﴿۶۸﴾ فَبِاَىِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۚ﴿۶۹﴾

جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿۶۷﴾ انهن ٻنهي ۾ ميوا ۽ کجيون ۽ ڏاڙهون آهن ﴿۶۸﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو!

فِيۡهِنَّ خَيۡرٰتٌ حِسَانٌ ۚ﴿۷۰﴾ فَبِاَىِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۚ﴿۷۱﴾ حُوۡرٌ

توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿۶۹﴾ اتي نيڪ سيرت، سهڻي صورت واريون عورتون
آهن ﴿۷۰﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿۷۱﴾ تنبن ۾ پالنا ورتل

مَّقۡصُوۡرٰتٌ فِى الۡخِيَامِ ۚ﴿۷۲﴾ فَبِاَىِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۚ﴿۷۳﴾ لَمۡ

حورون آهن ﴿۷۲﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿۷۳﴾ جن

يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَآنٌّ ﴿٧٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

کين انهن کان اڳ ۾ نہ ڪنهن انسان هٿ لاتو هوندو ۽ نہ ڪنهن جن ﴿٧٤﴾ پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي

تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٥﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى رَفْرَفٍ خُضْرٍ وَّعَبْقَرِيٍّ حِسَانٍ ﴿٧٦﴾

ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٧٥﴾ سائي رنگ جي غاليچن ۽ عمدن ويهاڻن تي ٽيڪ لڳائيندڙ ﴿٧٦﴾

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٧﴾ تَبٰرَكَ اسْمُ رَبِّكَ ذِی الْجَلٰلِ

پوءِ اي جنو ۽ انسانو! توهان ٻئي پنهنجي ربّ جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندا؟ ﴿٧٧﴾ تنهنجي ربّ جو نالو ڏاڍو

وَالْاِكْرَامِ ﴿٧٨﴾ ع ٣ ١٤

برڪت وارو (۽) وڏي جلال ۽ عزت وارو آهي ﴿٧٨﴾

اٰيَاتُهَا ٩٦ — (٥٦) سُوْرَةُ الْوَاقِعَةِ مَكِّيَّةٌ (٤٦) — رُكُوْعَاتُهَا ٣

سورة الواقعة مڪي آهي. هن ۾ ڇهانوي آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ ، رحم ڪندڙ آهي.

اِذَا وَقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ﴿١﴾ لَيْسَ لِوَقْعَتِهَا كَاذِبَةٌ ﴿٢﴾ خَافِضَةٌ وقف لازم

جڏهن قيامت واقع ٿيندي ﴿١﴾ ان جي واقع ٿيڻ جو (وعدو) ڪوڙو نہ آهي ﴿٢﴾ (هڪڙي ٽوليءَ کي) ذليل ڪندڙ (۽

رَّافِعَةٌ ﴿٣﴾ اِذَا رُجَّتِ الْاَرْضُ رَجًّا ﴿٤﴾ وَّبُسَّتِ الْجِبَالُ بَسًّا ﴿٥﴾

هڪڙي ٽوليءَ کي) بُلند ڪندڙ آهي ﴿٣﴾ جڏهن زمين کي ڏوڏيو ويندو سخت ڏوڏڻ ﴿٤﴾ ۽ جبل ڀڃي ڀُري پوندا ﴿٥﴾

فَكَانَتْ هَبَآءً مُّنْۢبَثًّا ﴿٦﴾ وَّكُنْتُمْ اَزْوَاجًا ثَلٰثَةً ﴿٧﴾ فَاَصْحٰبُ

پوءِ اهي اڏرندڙ ذرَ ۽ ڌوڙ ٿي پوندا ﴿٦﴾ ۽ توهان ٽن ٽولن ۾ ورهائجي ويندا ﴿٧﴾ پوءِ ساڄي پاسي وارا ڪهڙا

الْمَيْمَنَةِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ؕ ﴿٨﴾ وَ اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ۙ مَآ

نہ (چڱا) آهن، ساڄي پاسي وارا ﴿٨﴾ ۽ کاٻي پاسي وارا ڪهڙا نہ (بڇڙا) آهن، کاٻي پاسي

اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ؕ ﴿٩﴾ وَ السّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ ۚ ﴿١٠﴾ اُولٰٓئِكَ الْمُقَرَّبُوْنَ ۚ ﴿١١﴾

وارا ﴿٩﴾ ۽ (ايمان ۽ نيڪيءَ ۾) جلدي ڪندڙ (ڪهڙا نہ چڱا آهن، الله جي رحمت ۽ جنت ڏانهن) جلدي ڪندڙ ﴿١٠﴾ اهي ئي

فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿١٢﴾ ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ۙ ﴿١٣﴾ وَ قَلِيْلٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ؕ ﴿١٤﴾

مقرّب ٻانها آهن ﴿١١﴾ نعمتن وارن باغن ۾ رهندڙ آهن ﴿١٢﴾ هڪ ٽولي اڳين مان آهي ﴿١٣﴾ ۽ ڪي ٿورا پوين مان هوندا ﴿١٤﴾

عَلٰى سُرُرٍ مَّوْضُوْنَةٍ ۙ ﴿١٥﴾ مُّتَّكِـِٕيْنَ عَلَيْهَا مُتَقٰبِلِيْنَ ﴿١٦﴾ يَطُوْفُ

هيرن جواهرن سان جڙيل تختن تي هوندا ﴿١٥﴾ انهن تي ٽيڪ ڏئي ويٺا هوندا ﴿١٦﴾ سندن (خدمت لاءِ)

عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ ۙ ﴿١٧﴾ بِاَكْوَابٍ وَّ اَبَارِيْقَ ۙ وَ كَاْسٍ مِّنْ

سندن چوڌاري سدائين رهندڙ ٻارڙا گهمندا ڦرندا رهندا ﴿١٧﴾ پيالن ۽ گلاسن ۽ صاف شفاف شراب جي ٿانون

مَّعِيْنٍ ۙ ﴿١٨﴾ لَّا يُصَدَّعُوْنَ عَنْهَا وَ لَا يُنْزِفُوْنَ ۙ ﴿١٩﴾ وَ فَاكِهَةٍ مِّمَّا

سان ﴿١٨﴾ انهي (شراب) سان نہ سندن مٿي ۾ سور پوندو ۽ نہ مستيءَ ۾ ايندا ﴿١٩﴾ ۽ ميوا کڻي گهمندا، جيڪي انهن

يَتَخَيَّرُوْنَ ۙ ﴿٢٠﴾ وَ لَحْمِ طَيْرٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ؕ ﴿٢١﴾ وَ حُوْرٌ عِيْنٌ ۙ ﴿٢٢﴾

کي وڻندا ﴿٢٠﴾ ۽ پکين جو گوشت آڻي پيش ڪندا، جنهن اهي جي خواهش ڪندا ﴿٢١﴾ ۽ وڏين اکين واريون حورون ﴿٢٢﴾

كَاَمْثَالِ اللُّؤْلُؤِ الْمَكْنُوْنِ ۚ ﴿٢٣﴾ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٤﴾ لَا

چڻ تہ اهي (سپن ۾) ڍڪيل موتي آهن ﴿٢٣﴾ اهو سندن ڪمن جو بدلو آهي، جيڪي (اهي دنيا ۾) ڪندا هئا ﴿٢٤﴾ اتي

يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّ لَا تَاْثِيْمًا ۙ ﴿٢٥﴾ اِلَّا قِيْلًا سَلٰمًا سَلٰمًا ﴿٢٦﴾ وَ

فضول ۽ گناهہ جي ڪا بہ ڳالهہ نہ ٻڌندا ﴿٢٥﴾ مگر سلام، سلام جي گفتگو ٻڌندا ﴿٢٦﴾ ۽ ساڄي پاسي وارا ڪهڙا نہ

اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ۙ۬ مَآ اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ﴿٢٧﴾ؕ فِيْ سِدْرٍ مَّخْضُوْدٍ ﴿٢٨﴾ۙ

(چڱا) آهن ساڄي پاسي وارا ﴿٢٧﴾ (جيڪي "ڪنار" نالي ڪنڊن کان خالي) ٻيرين جي ڇانو ۾ رهندڙ آهن ﴿٢٨﴾

وَّطَلْحٍ مَّنْضُوْدٍ ﴿٢٩﴾ۙ وَّظِلٍّ مَّمْدُوْدٍ ﴿٣٠﴾ۙ وَّمَآءٍ مَّسْكُوْبٍ ﴿٣١﴾ۙ وَّ

۽ ڪيلن جي قريل وڻن ۾ (جيڪا عربن وٽ هڪ وڏي فخر جوڳي شيءِ آهي.) ﴿٢٩﴾ ۽ ڊگهن پاڇن ۾ (جنهن ۾ تيز پاڇي سو سالن
تائين هلي تڏهن به ختم نه ٿئي) ﴿٣٠﴾ ۽ (سدائين بغير روڪ ٽوڪ جي هر هنڌ جاري) صاف شفاف پاڻيءَ ۾ ﴿٣١﴾ ۽ گهڻن (قسمن

فَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ ﴿٣٢﴾ۙ لَّا مَقْطُوْعَةٍ وَّلَا مَمْنُوْعَةٍ ﴿٣٣﴾ۙ وَّ فُرُشٍ

جي) ميون ۾ ﴿٣٢﴾ جيڪي نه (جهولن، جهڪڙن ۾) ختم ٿيندا ۽ نه انهن کان ڪا روڪ ٽوڪ ٿيندي ﴿٣٣﴾ ۽ بلند بالا

مَّرْفُوْعَةٍ ﴿٣٤﴾ؕ اِنَّآ اَنْشَاْنٰهُنَّ اِنْشَآءً ﴿٣٥﴾ۙ فَجَعَلْنٰهُنَّ اَبْكَارًا ﴿٣٦﴾ۙ

بسترَ (يا پنج سو سالن جي مفاصلي جيڏا وڏا وڏا تخت آهن.) ﴿٣٤﴾ بيشڪ اسان انهن (وڏين اکين وارين حورن) کي

عُرُبًا اَتْرَابًا ﴿٣٧﴾ۙ لِّاَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ﴿٣٨﴾ؕع ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٩﴾ۙ ع ٣٨ ١٤

پيدا ڪيو آهي، چڱيءَ طرح پيدا ڪرڻ ﴿٣٥﴾ پوءِ انهن کي ڪنواريون بڻايو آهي ﴿٣٦﴾ مڙسن کي وڻندڙ، هڪ جيڏيون آهن ﴿٣٧﴾
ساڄي پاسي وارن جي لاءِ آهن ﴿٣٨﴾ (اهي ساڄي پاسي وارا جن جي) هڪڙي وڏي جماعت اڳين مان آهي ﴿٣٩﴾

وَثُلَّةٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ﴿٤٠﴾ؕ وَاَصْحٰبُ الشِّمَالِ ۙ۬ مَآ اَصْحٰبُ

۽ هڪڙي وڏي جماعت پوين مان آهي ﴿٤٠﴾ ۽ کاٻي پاسي وارا ڪهڙا نه (بڇڙا) آهن، کاٻي پاسي وارا ﴿٤١﴾

الشِّمَالِ ﴿٤١﴾ؕ فِيْ سَمُوْمٍ وَّحَمِيْمٍ ﴿٤٢﴾ۙ وَّظِلٍّ مِّنْ يَّحْمُوْمٍ ﴿٤٣﴾ۙ لَّا

ساڙيندڙ جهولن ۾ رهندڙ ۽ ٽهڪندڙ پاڻي پيئندڙ آهن ﴿٤٢﴾ ۽ سخت ڪاري دونهين جي پاڇن ۾ (الله جي پناه!) ﴿٤٣﴾ جيڪو

بَارِدٍ وَّلَا كَرِيْمٍ ﴿٤٤﴾ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُتْرَفِيْنَ ﴿٤٥﴾ۚۖ وَ

نه ٿڌو هوندو ۽ نه وڻندڙ هوندو ﴿٤٤﴾ بيشڪ اهي هن کان اڳ (دنيا ۾) خوشحال ۽ آسودا هئا (پر آخرت کان اڻ ڄاڻ هئا) ﴿٤٥﴾ ۽

كَانُوْا يُصِرُّوْنَ عَلَى الْحِنْثِ الْعَظِيْمِ ﴿٤٦﴾ۚ وَكَانُوْا يَقُوْلُوْنَ ۙ۬ اَئِذَا

اهي وڏي گناهه (يعني شرڪ) تي ضد ڪندا هئا ﴿٤٦﴾ ۽ چوندا هئا ته ڇا جڏهن مري مٽي ۽ هڏيون ٿي

مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ﴿٤٧﴾ اَوَ اٰبَآؤُنَا

وينداسون ڇا واقعي اسان کي وري جيئرو ڪيو ويندو ؟ ﴿٤٧﴾ يا اسان جي اڳين ابن ڏاڏن کي به (ٻيهر جياريو

الْاَوَّلُوْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ اِنَّ الْاَوَّلِيْنَ وَالْاٰخِرِيْنَ ﴿٤٩﴾ لَمَجْمُوْعُوْنَ ۵

ويندو؟) ﴿٤٨﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ ته بيشڪ اڳين ۽ پوئين (سموري مخلوق کي وري جياريو ويندو) ﴿٤٩﴾ ضرور سيني کي)

اِلٰى مِيْقَاتِ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٥٠﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ اَيُّهَا الضَّآلُّوْنَ

مقرر ڪيل (يعني قيامت جي) ڏينهن ۾ گڏ ڪيو ويندو ﴿٥٠﴾ ان کان پوءِ بيشڪ توهان اي گمراهو! اي ڪوڙو

الْمُكَذِّبُوْنَ ﴿٥١﴾ لَاٰكِلُوْنَ مِنْ شَجَرٍ مِّنْ زَقُّوْمٍ ﴿٥٢﴾ فَمَالِـُٔوْنَ مِنْهَا

ڪندڙو! ﴿٥١﴾ يقينًا (بک جي سختيءَ سبب) ٿوهر جو وڻ کائڻ وارا آهيو ﴿٥٢﴾ پوءِ ان سان پنهنجا پيٽ ڀرڻ وارا

الْبُطُوْنَ ﴿٥٣﴾ فَشٰرِبُوْنَ عَلَيْهِ مِنَ الْحَمِيْمِ ﴿٥٤﴾ فَشٰرِبُوْنَ شُرْبَ

آهيو ﴿٥٣﴾ پوءِ ان جي مٿان ٽهڪندڙ پاڻي پيئندڙ آهيو (جنهن سان اندر جي هر شيءِ وڍجي ٻاهر نڪري ايندي) ﴿٥٤﴾ پوءِ

الْهِيْمِ ﴿٥٥﴾ هٰذَا نُزُلُهُمْ يَوْمَ الدِّيْنِ ﴿٥٦﴾ نَحْنُ خَلَقْنٰكُمْ فَلَوْلَا

اڃايل اُٺن وانگر اهو پاڻي پيئڻ وارا آهيو ﴿٥٥﴾ اها آهي قيامت جي ڏينهن سندن مهماني ﴿٥٦﴾ اسان ئي توهان کي

تُصَدِّقُوْنَ ﴿٥٧﴾ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تُمْنُوْنَ ﴿٥٨﴾ ءَاَنْتُمْ تَخْلُقُوْنَهٗٓ اَمْ

پيدا ڪيو (۽ توهان ڄاڻو ٿا.) پوءِ (قيامت جي عقيدي کي) سچو ڇو نٿا مڃيو؟ ﴿٥٧﴾ مون کي خبر ڏيو (حالانڪ توهان ڪان وڌيڪ ڄاڻان ٿو)
ته (عورتن جي رحمن ۾) جيڪا مَنِي توهان ٽپڪايو ٿا ﴿٥٨﴾ ڇا انهيءَ (مان ٻارن) کي توهان پيدا ڪريو ٿا يا اسين (انهن جا) پيدا

نَحْنُ الْخٰلِقُوْنَ ﴿٥٩﴾ نَحْنُ قَدَّرْنَا بَيْنَكُمُ الْمَوْتَ وَمَا نَحْنُ

ڪندڙ آهيون؟ ﴿٥٩﴾ اسان ئي توهان لاءِ موت جو وقت مقرر ڪيو آهي ۽ نه ئي اسان ڪي ڪو عاجز ڪرڻ وارو آهي ﴿٦٠﴾ هِن ڳالهه کان ته

بِمَسْبُوْقِيْنَ ﴿٦٠﴾ عَلٰٓى اَنْ نُّبَدِّلَ اَمْثَالَكُمْ وَنُنْشِئَكُمْ فِيْ مَا لَا

توهان جون شڪليون مَٽايون ۽ توهان کي ٻي مخلوق ڪري ڇڏيون، جنهن کي توهان نٿا ڄاڻو (مثلاً ڀولڙو ۽ سوئر وغيره ڪري

تَعْلَمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ النَّشْاَةَ الْاُوْلٰى فَلَوْلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٦٢﴾

چڏيون) ﴿٦١﴾ ۽ بيشڪ پهرين پيدائش ٻه ڄاڻي چڪا آهيو، پوءِ نصيحت ڇو نٿا وٺو؟ (ته اسين ٻيهر جيارڻ تي وس وارا آهيون) ﴿٦٢﴾ ڇا

اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَحْرُثُوْنَ ﴿٦٣﴾ ءَاَنْتُمْ تَزْرَعُوْنَهٗٓ اَمْ نَحْنُ الزّٰرِعُوْنَ ﴿٦٤﴾

پوءِ (پوک کي) ڏسو ته، جيڪا توهان پوکيو ٿا؟ ﴿٦٣﴾ انهيءَ کي توهان اپايو ٿا يا اسان اپائڻ وارا آهيون؟ ﴿٦٤﴾ جيڪڏهن

لَوْ نَشَآءُ لَجَعَلْنٰهُ حُطَامًا فَظَلْتُمْ تَفَكَّهُوْنَ ﴿٦٥﴾ اِنَّا لَمُغْرَمُوْنَ ﴿٦٦﴾

گهرون ته ان کي (لتاڙيل سُڪل) گاهه ڪري ڇڏيون، پوءِ توهان تعجب ڪريو ۽ پشيمان ٿيو ﴿٦٥﴾ ۽ (چوندا ونو ته) بيشڪ اسين

بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿٦٧﴾ اَفَرَءَيْتُمُ الْمَآءَ الَّذِيْ تَشْرَبُوْنَ ﴿٦٨﴾ ءَاَنْتُمْ

چٽيءَ ۾ پئجي وياسون ﴿٦٦﴾ بلڪ اسين بي نصيب آهيون ﴿٦٧﴾ ڇا پوءِ توهان پاڻيءَ کي ڏٺو آهي، جيڪو پيئو ٿا؟ ﴿٦٨﴾ ڇا ان

اَنْزَلْتُمُوْهُ مِنَ الْمُزْنِ اَمْ نَحْنُ الْمُنْزِلُوْنَ ﴿٦٩﴾ لَوْ نَشَآءُ جَعَلْنٰهُ اُجَاجًا

کي ڪڪرن مان توهان لاهيو ٿا يا اسين لاهڻ وارا آهيون؟ ﴿٦٩﴾ جيڪڏهن گهرون ته اسين ان کي کارو ڪري ڇڏيون، پوءِ

فَلَوْلَا تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٠﴾ اَفَرَءَيْتُمُ النَّارَ الَّتِيْ تُوْرُوْنَ ﴿٧١﴾ ءَاَنْتُمْ

(نعمت جو) شڪر ڇو نٿا ڪريو؟ ﴿٧٠﴾ ڇا پوءِ توهان ان باهه کي ڏٺو، جنهن مان گرمي حاصل ڪريو ٿا؟ ﴿٧١﴾ ڇا ان جي وڻ

اَنْشَاْتُمْ شَجَرَتَهَآ اَمْ نَحْنُ الْمُنْشِــُٔوْنَ ﴿٧٢﴾ نَحْنُ جَعَلْنٰهَا تَذْكِرَةً

کي توهان پيدا ڪيو آهي يا اسان پيدا ڪندڙ آهيون؟ ﴿٧٢﴾ اسان ان کي نصيحت جو سبب ۽ مسافرن جي فائدي جي

وَّمَتَاعًا لِّلْمُقْوِيْنَ ﴿٧٣﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٧٤﴾ فَلَآ اُقْسِمُ الثلث ع ٣ ١٥

شيءِ ناهيو آهي ﴿٧٣﴾ پوءِ پنهنجي عظيم رب جي نالي جي تسبيح بيان ڪر ﴿٧٤﴾ پوءِ تارن جي ڪرڻ جي جاءِ جو

بِمَوٰقِعِ النُّجُوْمِ ﴿٧٥﴾ وَاِنَّهٗ لَقَسَمٌ لَّوْ تَعْلَمُوْنَ عَظِيْمٌ ﴿٧٦﴾ اِنَّهٗ لَقُرْاٰنٌ

قسم کڻان ٿو ﴿٧٥﴾ ۽ بيشڪ اهو هڪ وڏو قسم آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا ﴿٧٦﴾ بيشڪ اهو سڳورو قرآن

كَرِيْمٌ ﴿٧٧﴾ فِيْ كِتٰبٍ مَّكْنُوْنٍ ﴿٧٨﴾ لَّا يَمَسُّهٗٓ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ ﴿٧٩﴾

آهي ﴿٧٧﴾ ڳجهي ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ آهي ﴿٧٨﴾ ان کي (هر قسم جي ناپاڪيءَ کان) پاڪ (فرشتا) هٿ لائين ٿا ﴿٧٩﴾

تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٠﴾ اَفَبِهٰذَا الْحَدِيْثِ اَنْتُمْ مُّدْهِنُوْنَ ﴿٨١﴾

جهانن جي ربّ طرفان لاٿل آهي ﴿٨٠﴾ ڇا پوءِ توهان هن ڳالهه (يعني قرآن) کي ڪوڙو ڪريو ٿا (۽ ان جو ڪفر ڪريو ٿا؟) ﴿٨١﴾

وَتَجْعَلُوْنَ رِزْقَكُمْ اَنَّكُمْ تُكَذِّبُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَلَوْلَآ اِذَا بَلَغَتِ الْحُلْقُوْمَ ﴿٨٣﴾

۽ ان جي ڪُوڙي ڪرڻ کي پنهنجو حصو (يعني معمول) بڻايو ٿا ﴿٨٢﴾ پوءِ ڇو نہ جڏهن ساهہ نڙي نائين پهچندو آهي ﴿٨٣﴾

وَاَنْتُمْ حِيْنَئِذٍ تَنْظُرُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْكُمْ وَلٰكِنْ لَّا

۽ ان وقت توهان ڏسندا آهيو ﴿٨٤﴾ ۽ اسان ان کي توهان کان وڌيڪ ويجها هوندا آهيون ۽ پر توهان نہ ڏسندا

تُبْصِرُوْنَ ﴿٨٥﴾ فَلَوْلَآ اِنْ كُنْتُمْ غَيْرَ مَدِيْنِيْنَ ﴿٨٦﴾ تَرْجِعُوْنَهَآ اِنْ

آهيو ﴿٨٥﴾ پوءِ جيڪڏهن توهان عاجزي (۽ ٻانهپ) نٿا ڪريو ﴿٨٦﴾ تہ ان (روح) کي (بدن ۾) ڇو نٿا موٽايو، جيڪڏهن

كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٨٧﴾ فَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٨٨﴾ فَرَوْحٌ وَّرَيْحَانٌ ۙ

توهان سچا آهيو ﴿٨٧﴾ پوءِ جيڪڏهن اهو (فوتي) مقرّب ٻانهن مان هوندو آهي ﴿٨٨﴾ تہ سندس لاءِ (جنت ۾)

وَّجَنَّتُ نَعِيْمٍ ﴿٨٩﴾ وَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ﴿٩٠﴾ فَسَلٰمٌ

راحتن ۽ خوشين ۽ نعمتن وارا باغ آهن ﴿٨٩﴾ ۽ جيڪڏهن ساڄي پاسي وارن مان آهي ﴿٩٠﴾ تہ پوءِ تنهنجي

لَّكَ مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ﴿٩١﴾ وَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنَ الْمُكَذِّبِيْنَ

لاءِ ساڄي پاسي وارن جي طرفان سلام آهي ﴿٩١﴾ ۽ جيڪڏهن ڪوڙو پائيندڙن، گمراهن مان

الضَّآلِّيْنَ ﴿٩٢﴾ فَنُزُلٌ مِّنْ حَمِيْمٍ ﴿٩٣﴾ وَّتَصْلِيَةُ جَحِيْمٍ ﴿٩٤﴾

آهي ﴿٩٢﴾ تہ پوءِ سندس مهمانيءَ لاءِ ٽهڪندڙ پاڻي آهي ﴿٩٣﴾ ۽ دوزخ ۾ پهچڻ آهي ﴿٩٤﴾ بيشڪ اهو (آخرت وارن جو

إِنَّ هٰذَا لَهُوَ حَقُّ الْيَقِيْنِ ﴿٩٥﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٩٦﴾

مختلف هجڻ) يقيني حقّ آهي ﴿٩٥﴾ پوءِ (خاص) پنهنجي عظيم ربّ جي نالي جي تسبيح بيان ڪر ﴿٩٦﴾

(٥٧) سُوْرَةُ الْحَدِيْدِ مَدَنِيَّةٌ (٩٤)

اٰيَاتُهَا ٢٩ — رُكُوْعَاتُهَا ٤

سورة الحديد مدني آهي، هن ۾ اٺٽيهه آيتون ۽ چار رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ ، رحم ڪندڙ آهي.

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١﴾ لَهٗ

(زبان قال يا زبان حال سان) آسمانن ۽ زمين جي هر شيءِ الله جي تسبيح ڪري ٿي ۽ اهو ئي غالب، حڪمت وارو آهي ﴿١﴾

مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ان جي ئي آهي. (اهو ئي) جياري ٿو ۽ (اهو ئي) ماري ٿو ۽ اهو ئي هر شيءِ تي قدرت

قَدِيْرٌ ﴿٢﴾ هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ ۚ وَهُوَ بِكُلِّ

وارو آهي ﴿٢﴾ اهو ئي (شروعات کان سواءِ) اوّل ۽ (پڇاڙي کان سواءِ) آخر ۽ (دليل کان سواءِ) ظاهر ۽ (وهم ۽ خيال کان سواءِ)

شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٣﴾ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ

ڳجهو آهي ۽ اهو ئي هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ﴿٣﴾ اهو الله ئي آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو،

اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۭ يَعْلَمُ مَا يَلِجُ فِي الْاَرْضِ وَمَا

پوءِ عرش تي قائم ٿيو. جيڪي ڪجهه زمين ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ جيڪي ڪجهه ان مان نڪري ٿو ۽ جيڪي ڪجهه آسمان مان

يَخْرُجُ مِنْهَا وَمَا يَنْزِلُ مِنَ السَّمَاۗءِ وَمَا يَعْرُجُ فِيْهَا ۭ وَهُوَ

لهي ٿو ۽ جيڪي ڪجهه ان ڏانهن چڙهي ٿو، سڀ ڄاڻي ٿو ۽ توهان جتي به آهيو، اهو توهان سان (پنهنجي علم ۽ قدرت

مَعَكُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ④ لَهٗ مُلْكُ

وسيلي) گڏ آهي ۽ جيڪي ڪم توهان ڪري رهيا آهيو، الله انهن کي ڏسندڙ آهي ④ آسمانن ۽ زمين جي

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ⑤ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي

بادشاهي سندس ئي آهي ۽ الله ڏانهن ئي ڪم موٽايا وڃن ٿا ⑤ (پنهنجي قدرت سان) رات کي ڏينهن ۾ داخل

النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ ؕ وَهُوَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ⑥

ڪري ٿو ۽ (پنهنجي حڪمت سان) ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪري ٿو ۽ اهو سينن جا راز به ڄاڻندڙ آهي ⑥

اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاَنْفِقُوْا مِمَّا جَعَلَكُمْ مُّسْتَخْلَفِيْنَ

الله ۽ سندس رسول (يعني حضرت محمد ﷺ جن) تي ايمان آڻيو ۽ جنهن مال جو (الله هن دنيا ۾) توهان کي جانشين (۽ مالڪ)
ڪيو آهي، تنهن مان خرچ ڪريو، (جنهن جي باري ۾ ويساهه رکو ٿا ته توهان کان اڳ ۾ توهان کان پوءِ انهيءَ مال جا مالڪ ٻيا

فِيْهِ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَاَنْفَقُوْا لَهُمْ اَجْرٌ كَبِيْرٌ ⑦ وَمَا

ٿيڻ وارا آهن.) پوءِ توهان مان جن ماڻهن ايمان آندو ۽ (الله جي واٽ ۾) مال خرچ ڪيائون تن لاءِ وڏو اجر آهي ⑦ ۽

لَكُمْ لَا تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ۚ وَالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ لِتُؤْمِنُوْا بِرَبِّكُمْ وَ

توهان کي ڇا ٿيو آهي جو الله تي ايمان نٿا آڻيو؟ حالانڪ رسول (پاڪ ﷺ جن) توهان کي سڏي رهيا آهن ته جيئن

قَدْ اَخَذَ مِيْثَاقَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ⑧ هُوَ الَّذِيْ يُنَزِّلُ

پنهنجي ربّ تي ايمان آڻيو ۽ بيشڪ (الله روز ازل ۾ ئي پنهنجي توحيد جو) توهان کان اقرار وٺي چڪو آهي، جيڪڏهن توهان
(سندس دليلن تي) ايمان رکڻ وارا آهيو ⑧ اهو (الله ئي) آهي، جيڪو پنهنجي (خاص الخاص) ٻانهي (يعني حضرت محمد

عَلٰى عَبْدِهٖٓ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ

ﷺ) تي روشن آيتون لاهي رهيو آهي، جيئن توهان کي اونداهين مان ڪڍي (اسلام جي) نور ڏانهن آڻي ۽ بيشڪ الله

وَاِنَّ اللّٰهَ بِكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ⑨ وَمَا لَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِيْ

توهان تي يقيناً مهربان، رحم ڪندڙ آهي ⑨ ۽ توهان کي ڇا ٿيو آهي، جو الله جي واٽ ۾ مال خرچ نٿا ڪريو،

سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ لِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ لَا يَسْتَوِیْ مِنْكُمْ

حالانڪ آسمانن ۽ زمين جي ميراث الله لاءِ آهي (۽ توهان وٽ جيڪي ڪجهہ آهي، سو سڀ ختم ٿيڻ وارو آهي.) توهان

مَّنْ اَنْفَقَ مِنْ قَبْلِ الْفَتْحِ وَ قٰتَلَ ؕ اُولٰٓئِكَ اَعْظَمُ دَرَجَةً مِّنَ

مان جن ماڻهن مڪي جي فتح کان اڳ مال خرچ ڪيو ۽ جهاد ڪيائون. اهي درجي ۾ انهن کان وڏيڪ آهن، جن

الَّذِيْنَ اَنْفَقُوْا مِنْۢ بَعْدُ وَ قٰتَلُوْا ؕ وَ كُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ

(مڪي جي فتح کان) پوءِ مال خرچ ڪيو ۽ جهاد ڪيائون ۽ الله هر هڪ سان ڀلائيءَ جو وعدو فرمايو آهي ۽ الله

وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۠ ۱۰ مَنْ ذَا الَّذِیْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا ع ١/١٧

انهن ڪمن کان باخبر آهي، جيڪي توهان ڪريو ٿا ۱۰ ڪير آهي جيڪو الله کي (خوش دليءَ سان) سهڻو قرض

حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗ وَ لَهٗۤ اَجْرٌ كَرِيْمٌ ۚ ۱۱ يَوْمَ تَرَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَ

ڏي، پوءِ (الله) کيس (سندس اجر ۽ ثواب) وڌائي ڏي ۽ سندس لاءِ عزت وارو اجر آهي ۱۱ (اي پيغمبر ﷺ! ياد ڪر جنهن)

الْمُؤْمِنٰتِ يَسْعٰى نُوْرُهُمْ بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ بِاَيْمَانِهِمْ بُشْرٰىكُمُ الْيَوْمَ

ڏينهن مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي ڏسندين تہ (پلصراط تي) سندن نور، سندن اڳيان (يعني سندن منهن تي) ۽

جَنّٰتٌ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ

سندن ساڄي پاسي ڊوڙي رهيو آهي. (ڪين چيو ويندو تہ) اڄ توهان لاءِ خوشخبري آهي (۽ توهان لاءِ) جنتون آهن، جن جي
(محلات يا جن جي وڻن جي) هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. سدائين انهن ۾ رهڻ وارا آهيو. اها ئي اُها وڏي ڪاميابي

الْعَظِيْمُ ۚ ۱۲ يَوْمَ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَ الْمُنٰفِقٰتُ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا

آهي ۱۲ انهيءَ ڏينهن منافق مرد ۽ منافق عورتون مؤمنن کي چوندا (تہ ترسو) اسان ڏانهن نهاريو تہ اسين توهان جي نور

انْظُرُوْنَا نَقْتَبِسْ مِنْ نُّوْرِكُمْ ۚ قِيْلَ ارْجِعُوْا وَرَآءَكُمْ فَالْتَمِسُوْا

مان روشني حاصل ڪريون. ڪين چيو ويندو تہ پنهنجي پويان (يعني دنيا ۾) موٽي وڃو، پوءِ (اتي ئي) نور کي تلاش

نُوْرًا ۭ فَضُرِبَ بَيْنَهُمْ بِسُوْرٍ لَّهٗ بَابٌ ۭ بَاطِنُهٗ فِيْهِ الرَّحْمَةُ وَ

ڪريو. پوءِ انهن (منافقن ۽ مؤمنن) جي وچ ۾ هڪڙي ديوار قائم ڪئي ويندي، جنهن ۾ هڪڙو دروازو هوندو. ان جي

ظَاهِرُهٗ مِنْ قِبَلِهِ الْعَذَابُ ۭ ﴿١٣﴾ يُنَادُوْنَهُمْ اَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ ۭ

اندرئين پاسي رحمت ۽ ٻاهرين پاسي عذاب آهي ﴿١٣﴾ (منافق، مؤمنن) کي سڏي چوندا ته ڇا (اسين دنيا ۾) توهان سان

قَالُوْا بَلٰى وَلٰكِنَّكُمْ فَتَنْتُمْ اَنْفُسَكُمْ وَتَرَبَّصْتُمْ وَارْتَبْتُمْ وَغَرَّتْكُمُ

گڏ نه هئاسون؟ چوندا ته هائو ۽ پر توهان پاڻ کي فتني (۽ هلاڪت) ۾ وجهي ڇڏيو ۽ توهان (حضرت محمد ﷺ جن جي

الْاَمَانِيُّ حَتّٰى جَاۗءَ اَمْرُ اللّٰهِ وَغَرَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ﴿١٤﴾ فَالْيَوْمَ

موت جي) انتظار ۾ هئا ۽ (سندس نبوت جي باري ۾) شڪ ۾ رهندا هئا ۽ توهان کي (باطل) تمنائن فريب ۾ وجهي ڇڏيو (ته مؤمن هلاڪ
ٿيڻ وارا آهن) تانجو الله جو حڪم آيو ۽ توهان کي الله جي باري ۾ ڏوکو ڏيندڙ (شيطان) ڏوکي ۾ وجهي ڇڏيو ﴿١٤﴾ پوءِ اڄ نه توهان

لَا يُؤْخَذُ مِنْكُمْ فِدْيَةٌ وَّلَا مِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۭ مَاْوٰىكُمُ النَّارُ ۭ

کان ۽ نڪي ڪافرن کان (عذاب جو بدلو ۽) فديو قبول ڪيو ويندو. توهان سڀني جي جاءِ دوزخ آهي، توهان ان جا

هِيَ مَوْلٰىكُمْ ۭ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿١٥﴾ اَلَمْ يَاْنِ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ

وڌيڪ لائق آهيو ۽ اها موٽڻ جي ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ﴿١٥﴾ جن ايمان آندو، ڇا انهن لاءِ اهو وقت نه آيو آهي ته سندن

تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ لِذِكْرِ اللّٰهِ وَمَا نَزَلَ مِنَ الْحَقِّ ۙ وَلَا يَكُوْنُوْا

دليون الله جي ذڪر ۽ (سندس لاٿل) حق (يعني قرآن) سان ڏڪي وڃن ۽ اهي انهن (يهودين ۽ عيسائين) وانگر نه

كَالَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلُ فَطَالَ عَلَيْهِمُ الْاَمَدُ فَقَسَتْ

ٿين، جن کي انهن کان اڳ ڪتاب ڏنو ويو. پوءِ (پيغمبرن ۽) انهن جي وچ ۾ گهڻو زمانو گذري ويو. پوءِ سندن دليون سخت

قُلُوْبُهُمْ ۭ وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿١٦﴾ اِعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يُحْيِ

ٿي پيون ۽ انهن مان گهڻا فاسق آهن (پوءِ ايمان نٿا آڻين.) ﴿١٦﴾ ڄاڻي وٺو ته بيشڪ الله ئي زمين کي ان جي موت کان

الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ قَدْ بَيَّنَّا لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿١٧﴾

پوءِ جياري ٿو. بيشڪ اسان توهان لاءِ نشانيون پڌريون ڪري ڇڏيون آهن، مَنَ توهان عقل ڪان

اِنَّ الْمُصَّدِّقِيْنَ وَ الْمُصَّدِّقٰتِ وَ اَقْرَضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا

ڪم وٺو (۽ سوچيو ته ساڳيءَ طرح الله تعاليٰ مئن کي به جياريندو.) ⑰ بيشڪ صدقو ڏيندڙ مرد ۽ صدقو ڏيندڙ عورتون ۽ جن ماڻهن
الله کي قرض ڏنو سهڻو قرض ڏيڻ، (يعني جيڪي الله جي واٽ ۾ مال خرچ ڪندا آهن، پوءِ احسان نه جتائيندا آهن)، تن کي (ثواب)

يُّضٰعَفُ لَهُمْ وَلَهُمْ اَجْرٌ كَرِيْمٌ ﴿١٨﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖۤ

وڌائي ڏنو ويندو ۽ انهن جي لاءِ سڳورو اجر آهي ⑱ ۽ جن ماڻهن الله تعاليٰ ۽ سندس رسول (سڳوري ﷺ)

اُولٰٓئِكَ هُمُ الصِّدِّيْقُوْنَ ۖۗ وَالشُّهَدَآءُ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ لَهُمْ

تي ايمان آندو، اهي ئي ماڻهو پنهنجي پالڻهار وٽ صديق ۽ شهيد آهن. سندن لاءِ انهن جو اجر ۽

اَجْرُهُمْ وَ نُوْرُهُمْ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ

انهن جو نور آهي ۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيائون، اهي ئي

اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿١٩﴾ ع اِعْلَمُوْٓا اَنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ ع ٢ ٩ ١٨

دوزخي آهن ⑲ پڪ ڄاڻو ته دنيا جي زندگي دراصل رڳو راند روند ۽ تماشو ۽ هار سينگار ۽ هڪ ٻئي

وَّ زِيْنَةٌ وَّ تَفَاخُرٌۢ بَيْنَكُمْ وَ تَكَاثُرٌ فِي الْاَمْوَالِ وَالْاَوْلَادِ ؕ

تي فخر ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي کان مال ۽ اولاد ۾ وڌڻ (جي خواهش) آهي. انهيءَ جو مثال برسات سان

كَمَثَلِ غَيْثٍ اَعْجَبَ الْكُفَّارَ نَبَاتُهٗ ثُمَّ يَهِيْجُ فَتَرٰىهُ مُصْفَرًّا

پيدا ٿيندڙ پوک وانگر آهي، جيڪا ڪڙميءَ کي وڻندي آهي. پوءِ (جڏهن) اها پچي تيار ٿيندي آهي،

ثُمَّ يَكُوْنُ حُطَامًا ؕ وَفِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ۙ وَّ مَغْفِرَةٌ

ته انهيءَ کي پيلو ڏسندو آهين، پوءِ اها ڀُنهن ٿي ويندي آهي ۽ آخرت ۾ (ڪافرن جي لاءِ) سخت عذاب ۽

مِّنَ اللّٰهِ وَ رِضْوَانٌ ؕ وَ مَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا مَتَاعُ

(مؤمنن جي لاءِ) الله جي طرفان بخشش ۽ رضامندي آهي ۽ دنيا جي زندگي تہ رڳو دوکي جو

الْغُرُوْرِ ⑳ سَابِقُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا

سامان آهي ⑳ پنهنجي ربّ جي مغفرت ۽ انهيءَ جنت کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ جلدي ڪريو، جنهن

كَعَرْضِ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ۙ اُعِدَّتْ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ

جيءَ ڪشادگي آسمانن ۽ زمين جي ڪشادگيءَ جيتري آهي. اها انهن ماڻهن جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي، جن

وَرُسُلِهٖ ؕ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو

الله ۽ سندس رسول (ڪريم ﷺ جن) تي ايمان آندو. اهو الله جو فضل آهي، جنهن کي گهري تو، ڏئي تو ۽ الله وڏي

الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ㉑ مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ فِى الْاَرْضِ

فضل وارو آهي ㉑ (توهان کي) زمين ۾ (ڏڪار ۽ تنگي وغيره جي صورت ۾) يا توهان جي پنهنجين

وَلَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّبْرَاَهَا ؕ

جانين ۾ (بيماري، موت ۽ غم وغيره جي صورت ۾) جيڪا بہ مصيبت پهچي ٿي، ان جي پيدا ڪرڻ کان اڳ ڪتاب

اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ۚ ㉒ لِّكَيْلَا تَاْسَوْا عَلٰى مَا

(لوح محفوظ) ۾ لکيل آهي. اها ڳالهہ الله تي آسان آهي ㉒ جيئن (دنيا جي) فوت ٿيل ڪنهن شيءِ تي افسوس

فَاتَكُمْ وَلَا تَفْرَحُوْا بِمَآ اٰتٰىكُمْ ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ

نہ ڪريو ۽ (الله جي) عطا ٿيل ڪنهن شيءِ تي آڪڙ نہ ڪريو ۽ الله آڪڙ ڪندڙ، فخر ڪندڙ ڪنهن انسان کي

مُخْتَالٍ فَخُوْرِ ۙ ㉓ الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ وَ يَاْمُرُوْنَ النَّاسَ

پسند نٿو ڪري ㉓ جيڪي (ايمان ۽ فرمانبرداري ڪرڻ کان) پاڻ بخيلي ڪن ٿا ۽ ماڻهن کي بخيلي ڪرڻ جو

بِالْبُخْلِ ؕ وَ مَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿۲۴﴾

حڪم ڏين ٿا ۽ جيڪو (ايمان ۽ اطاعت کان) پٺي ڦيرائيندو ته پوءِ بيشڪ الله بي نياز، ساراهيل آهي ﴿۲۴﴾

لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَ اَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتٰبَ

تحقيق اسان پنهنجن رسولن کي پڌرين نشانين سان موڪلي چڪا آهيون ۽ ساڻن گڏ ڪتاب ۽ تارازو (يعني نظام

وَ الْمِيْزَانَ لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ ۚ وَ اَنْزَلْنَا الْحَدِيْدَ

عدل) لاٿوسون، جيئن ماڻهن انصاف قائم ڪن ۽ (آدم عليه السلام سان گڏ زمين تي) لوهه کي به لاٿوسون،

فِيْهِ بَاْسٌ شَدِيْدٌ وَّ مَنَافِعُ لِلنَّاسِ وَ لِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ

جنهن ۾ سخت طاقت ۽ ماڻهن جي لاءِ ٻيا فائدا آهن ۽ جيئن الله ڄاڻي ته ڪير آهي، جيڪو اڻ ڏٺي

يَّنْصُرُهٗ وَ رُسُلَهٗ بِالْغَيْبِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿۲۵﴾ ع وَ ع۳ ۱۹

الله تعاليٰ جي ۽ سندس رسولن (سڳورن) جي مدد ڪري ٿو؟ بيشڪ الله طاقتور، غالب آهي ﴿۲۵﴾ ۽ بيشڪ

لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا وَّ اِبْرٰهِيْمَ وَ جَعَلْنَا فِيْ ذُرِّيَّتِهِمَا

اسان نوح کي (عليه السلام) ۽ ابراهيم(عليه السلام) کي رسول ڪري موڪليو ۽ سندن اولاد ۾ نبوت ۽ ڪتاب

النُّبُوَّةَ وَ الْكِتٰبَ فَمِنْهُمْ مُّهْتَدٍ ۚ وَ كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿۲۶﴾

ڪي جاري ڪيوسون. پوءِ انهن مان ڪو هدايت تي هلندڙ آهي ۽ انهن مان گهڻا گنهگار آهن ﴿۲۶﴾

ثُمَّ قَفَّيْنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ بِرُسُلِنَا وَ قَفَّيْنَا بِعِيْسَى ابْنِ

ان کان پوءِ سندن پويان پنهنجن پيغمبرن کي موڪليوسون ۽ مريم جي پٽ عيسيٰ (عليه السلام) کي سندن پويان

مَرْيَمَ وَ اٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ ۙ۵ وَ جَعَلْنَا فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ

موڪليوسون ۽ کيس انجيل عطا ڪيوسون ۽ جن ماڻهن سندس پيروي ڪئي، تن جي دلين ۾ نرمي ۽ ٻاجهه رکي سون ۽

اتَّبَعُوْهُ رَاْفَةً وَّ رَحْمَةً ؕ وَ رَهْبَانِيَّةَ ۨ ابْتَدَعُوْهَا مَا

رهبانيت (يعني زاهدي) کي انهن پاڻ ايجاد ڪيو، اسان انهن تي نہ لکي هئي پر الله جي رضامنديءَ جي غرض سان

كَتَبْنٰهَا عَلَيْهِمْ اِلَّا ابْتِغَآءَ رِضْوَانِ اللّٰهِ فَمَا رَعَوْهَا حَقَّ

پاڻ ان کي رواج ڏنائون. پوءِ ان جي پابندي ڪرڻ جو جيترو حق هو، ان تي قائم رهي نہ سگهيا (تانجو گهڻو زمانو

رِعَايَتِهَا ۚ فَاٰتَيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْهُمْ اَجْرَهُمْ ۚ وَكَثِيْرٌ

گذرڻ جي ڪري، انهن مان گهڻن حضرت محمد ﷺ جن تي بہ ايمان نہ آندو) پوءِ انهن مان جن (پاڻ ڪريمن ﷺ تي)

مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٢٧﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَاٰمِنُوْا

ايمان آندو، تن کي سندن اجر عطا ڪيوسون ۽ انهن مان گهڻا فاسق آهن ﴿٢٧﴾ اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ سندس

بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا

رسول تي ايمان آڻيو، توهان کي پنهنجي رحمت جو ٻيڻو ڀاڱو عطا ڪندو ۽ توهان کي نور نصيب فرمائيندو،

تَمْشُوْنَ بِهٖ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٨﴾ ۙ لِّئَلَّا يَعْلَمَ

جنهن جي ذريعي توهان هلندا ڦرندا ۽ توهان جي مغفرت فرمائيندو ۽ الله بخشڻهار (۽) مهربان آهي ﴿٢٨﴾

اَهْلُ الْكِتٰبِ اَلَّا يَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَيْءٍ مِّنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَاَنَّ

(الله هيءَ خبر ڏني تہ) جيئن ڪتاب وارا (يعني يهودي ۽ عيسائي) ڄاڻن تہ اهي الله جي فضل مان ڪنهن شيءِ

الْفَضْلَ بِيَدِ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ

جي قدرت نٿا رکن ۽ هيءُ تہ (سڀ) فضل الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي. جنهن کي گهرندو آهي، ڏيندو آهي ۽ الله

الْعَظِيْمِ ﴿٢٩﴾ ع

وڏي فضل وارو آهي ﴿٢٩﴾

ع ٢٠

الجزء الثامن والعشرون (٢٨)

اٰيَاتُهَا ٢٢ (٥٨) سُوْرَةُ الْمُجَادَلَةِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٥) رُكُوْعَاتُهَا ٣

سورة المجادلة مدني آهي. هن ۾ ٻاويھ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

قَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّتِيْ تُجَادِلُكَ فِيْ زَوْجِهَا وَتَشْتَكِيْٓ اِلَى

بيشڪ الله انهيءَ عورت جي ڳالھ ٻڌي، جيڪا توسان پنهنجي مڙس جي باري ۾ جهڳڙو ڪري رهي هئي ۽ پنهنجي

اللّٰهِ ۖ وَاللّٰهُ يَسْمَعُ تَحَاوُرَكُمَا ۭ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ① اَلَّذِيْنَ

شڪايت الله وٽ پيش ڪري رهي هئي ۽ الله توهان ٻنهي جي ڳالھ ٻڌي رهيو هو. بيشڪ الله ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي ① (اي

يُظٰهِرُوْنَ مِنْكُمْ مِّنْ نِّسَآئِهِمْ مَّا هُنَّ اُمَّهٰتِهِمْ ۭ اِنْ اُمَّهٰتُهُمْ اِلَّا

مؤمنو!) توهان مان جيڪي ماٺهو پنهنجين زالن کي ماءُ ڪوٺين ٿا، اهي سندن مائرون نه آهن. سندن مائرون ته اهي

الّٰٓـِٔيْ وَلَدْنَهُمْ ۭ وَاِنَّهُمْ لَيَقُوْلُوْنَ مُنْكَرًا مِّنَ الْقَوْلِ وَزُوْرًا ۭ وَاِنَّ

ٿيون آهن، جن انهن کي ڄڻيو آهي ۽ اهي ڏٺو اجائي ۽ ڪوڙي ڳالھ چون ٿا ۽ بيشڪ الله (اهڙي شخص کي ڪفارو ڏيڻ کان

اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ ② وَالَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ مِنْ نِّسَآئِهِمْ ثُمَّ

پوءِ) معاف ڪندڙ، بخشڻهار آهي ② ۽ جيڪي ماٺهو پنهنجين زالن کي ماءُ چئي (پوءِ پشيمان ٿين ۽) پوءِ پنهنجي ڳالھ

يَعُوْدُوْنَ لِمَا قَالُوْا فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّتَمَآسَّا ۭ ذٰلِكُمْ

کان موٽن ٿا، تن لاءِ ڪين هٿ لائڻ (يعني صحبت ڪرڻ) کان اڳ هڪ غلام آزاد ڪرڻ آهي. اها توهان کي نصيحت ڪئي

تُوْعَظُوْنَ بِهٖ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ③ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ

وڃي ٿي ۽ توهان جيڪي ڪم ڪريو ٿا الله انهن کان باخبر آهي ③ پوءِ جيڪو شخص (مسڪينيءَ جي ڪري آزاد ڪرڻ

شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّتَمَآسَّا ط فَمَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَاِطْعَامُ

لاءِ ٻانهو) ننڍو لهي، تنهن کي پاڻ ۾ ملڻ کان اڳ لڳاتار ٻه مهينا روزا رکڻا آهن. پوءِ جيڪو روزا رکي نه سگهي ته سٺ

سِتِّيْنَ مِسْكِيْنًا ط ذٰلِكَ لِتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ط وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ط

مسڪينن کي کاڌو کارائي (يعني پنهنجي علائقي جي حساب سان مقرر ڪيل اناج ماپي يا توري ڏي) اها (ڪفاري جي تعليم) هن ڪري

آهي ته جيئن توهان الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو (۽ جاهليت جي رسمن کي ڇڏي شريعت جي حڪمن تي عمل ڪريو) ۽ اهي الله

وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝٤ اِنَّ الَّذِيْنَ يُحَآدُّوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ كُبِتُوْا

جون حدون آهن ۽ ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ④ بيشڪ جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسول سان مخالفت ۽ دشمني ڪن

كَمَا كُبِتَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَقَدْ اَنْزَلْنَآ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ ط وَلِلْكٰفِرِيْنَ

ٿا، تن کي خوار ڪيو ويندو، جيئن اڳين کي خوار ڪيو ويو ۽ بيشڪ اسان (الله ۽ پيغمبر ﷺ جي دشمنن لاءِ) روشن آيتون

عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ۝٥ ج يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا ط

لاٿيون آهن ۽ ڪافرن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي ⑤ ان ڏينهن الله سيني کي جيئرو ڪندو، پوءِ ڪين سندن عملن جي باري ۾

اَحْصٰىهُ اللّٰهُ وَنَسُوْهُ ط وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ۝٦ ع اَلَمْ تَرَ اَنَّ ١ ع٢ ١

خبر ڏيندو. الله انهن (ڪمن) کي ياد رکيو آهي، جن کي هنن وساري ڇڏيو آهي ۽ الله هر شيءِ تي شاهد آهي ⑥ ڇا تو نه

اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ط مَا يَكُوْنُ مِنْ نَّجْوٰى ثَلٰثَةٍ

ڏٺو ته الله ڄاڻي ٿو، اهو سڀ ڪجهه جيڪو آسمانن ۽ جيڪو زمين ۾ آهي. نه هوندا آهن ٽي ڄڻا پاڻ ۾ ڳجهي صلاح ڪندڙ،

اِلَّا هُوَ رَابِعُهُمْ وَلَا خَمْسَةٍ اِلَّا هُوَ سَادِسُهُمْ وَلَآ اَدْنٰى مِنْ ذٰلِكَ

مگر (منجهن) چوٿون (الله) هوندو آهي ۽ نه پنج ڄڻا (ڳجهي صلاح ڪندڙ هوندا آهن) مگر (منجهن) ڇهون (الله) هوندو

وَلَآ اَكْثَرَ اِلَّا هُوَ مَعَهُمْ اَيْنَ مَا كَانُوْا ج ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا يَوْمَ

آهي ۽ نه ان کان گهٽ ۽ نه ان کان وڌيڪ (غرض جيترا به ماڻهو ۽) جتي به هوندا آهن، مگر انهن سان الله گڏ هوندو آهي. پوءِ

الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِیْمٌ ۟ ﴿٧﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِیْنَ نُهُوْا عَنِ

قيامت جي ڏينهن کين سندن عملن جي باري ۾ خبر ڏيندو، بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ⑦ (اي پيغمبر ﷺ!) ڇا

النَّجْوٰى ثُمَّ یَعُوْدُوْنَ لِمَا نُهُوْا عَنْهُ وَ یَتَنٰجَوْنَ بِالْاِثْمِ وَ الْعُدْوَانِ

(انهن يهودين ۽ منافقن کي) نه ڏٺئي، جن کي ڳجهي صلاح ڪرڻ کان روڪيو ويو، پوءِ به روڪيل ڪمن ڏانهن موٽن ٿا ۽

وَ مَعْصِیَتِ الرَّسُوْلِ ؗ وَ اِذَا جَآءُوْكَ حَیَّوْكَ بِمَا لَمْ یُحَیِّكَ بِهِ اللّٰهُ ۙ وَ

گناهه ۽ دشمني ۽ رسول (الله ﷺ) جي نافرمانيءَ جي باري ۾ ڳجهون صلاحون ڪن ٿا ۽ (اي محمد ﷺ!) جڏهن تو وٽ

یَقُوْلُوْنَ فِیْۤ اَنْفُسِهِمْ لَوْ لَا یُعَذِّبُنَا اللّٰهُ بِمَا نَقُوْلُ ؕ حَسْبُهُمْ جَهَنَّمُ ۚ

اچن ٿا ته توکي انهن لفظن سان دعا ۽ سلام ڪن ٿا، جيڪي توکي الله نه سيڪاريا آهن ۽ پنهنجين دلين ۾ چون ٿا ته الله

یَصْلَوْنَهَا ۚ فَبِئْسَ الْمَصِیْرُ ﴿٨﴾ یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا تَنَاجَیْتُمْ فَلَا

اسان کي انهن ڳالهين جي ڪري عذاب ڇو نٿو ڪري، جيڪي اسين چئون ٿا؟ سندن لاءِ جهنم ڪافي آهي، جنهن ۾ اهي پهچندا،
پوءِ موٽڻ جي اها ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ⑧ اي ايمان وارو! جڏهن پاڻ ۾ ڳجهون صلاحون ڪريو ته گناهه ۽ دشمني ۽ رسول

تَتَنَاجَوْا بِالْاِثْمِ وَ الْعُدْوَانِ وَ مَعْصِیَتِ الرَّسُوْلِ وَ تَنَاجَوْا بِالْبِرِّ

(الله ﷺ جن) جي نافرمانيءَ جي باري ۾ ڳجهون صلاحون نه ڪندا ڪريو ۽ نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جي باري ۾

وَ التَّقْوٰى ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِیْۤ اِلَیْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٩﴾ اِنَّمَا النَّجْوٰى

(پلي) ڳجهون صلاحون ڪريو ۽ الله کان ڊڄو، توهان کي ان ڏانهن گڏ ڪيو ويندو ⑨ بيشڪ ڳجهون صلاحون

مِنَ الشَّیْطٰنِ لِیَحْزُنَ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ لَیْسَ بِضَآرِّهِمْ شَیْـًٔا اِلَّا

شيطان جي طرفان آهن، جيئن مؤمنن کي غم ۾ وجهي ۽ (شيطان) انهن کي ڪنهن به نقصان ۾ وجهڻ وارو نه آهي، مگر

بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ عَلَى اللّٰهِ فَلْیَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠﴾ یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا

الله جي اجازت سان ۽ مؤمنن کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي ⑩ اي ايمان وارو! جڏهن توهان کي چئجي ته

اِذَا قِيْلَ لَكُمْ تَفَسَّحُوْا فِي الْمَجٰلِسِ فَافْسَحُوْا يَفْسَحِ اللّٰهُ لَكُمْ ۚ وَ

(پيغمبر پاڪ ﷺ جي) مجلسن ۾ ڪشادگي ڪريو تہ ڪشادگي ڪندا ڪريو، الله توهان لاءِ (جنت جي مجلسن ڪي) ڪشاده

اِذَا قِيْلَ انْشُزُوْا فَانْشُزُوْا يَرْفَعِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۙ وَ

ڪندو ۽ جڏهن (توهان ڪي) چيو وڃي تہ (نماز يا جهاد يا ڪنهن بہ ڪم لاءِ) اٿو تہ اٿندا ڪريو. توهان مان جن ماڻهن ايمان

الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿١١﴾ يٰۤاَيُّهَا

آندو ۽ ڪين علم ڏنو ويو آهي، الله تن جا درجا بلند ڪندو ۽ جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا الله تن جي خبر رکندڙ آهي ⑪ اي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا نَاجَيْتُمُ الرَّسُوْلَ فَقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ

ايمان وارو! جڏهن رسول (الله ﷺ جن) سان ڳجهون صلاحون ڪريو تہ ساڻس پنهنجين ڳجهين صلاحن ڪان اڳ

صَدَقَةً ؕ ذٰلِكَ خَيْرٌ لَّكُمْ وَاَطْهَرُ ؕ فَاِنْ لَّمْ تَجِدُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ

صدقو ڏيو. اها ڳالهہ توهان لاءِ وڏيڪ چڱي ۽ پاڪ رکندڙ آهي. پوءِ جيڪڏهن (صدقو ڏيڻ لاءِ ڪجهہ) نہ لهو تہ پوءِ

غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢﴾ ءَاَشْفَقْتُمْ اَنْ تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ

بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي ⑫ ڇا (تنگدستيءَ جي ڪري) ڊڄي ويا تہ پنهنجين ڳجهين صلاحن ڪان اڳ

صَدَقٰتٍ ؕ فَاِذْ لَمْ تَفْعَلُوْا وَتَابَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا

صدقا ڏيو؟ چڱو جيڪڏهن (ائين) ڪري نٿا سگهو ۽ الله توهان کي بخشي ڇڏيو تہ پوءِ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽

الزَّكٰوةَ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ؕ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٣﴾ ع اَلَمْ

الله ۽ سندس رسول (ﷺ) جي فرمانبرداري ڪريو ۽ توهان جيڪي ڪم ڪريو ٿا، الله انهن کان باخبر آهي ⑬ ڇا

تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ؕ مَا هُمْ مِّنْكُمْ

نہ ڏٺئي انهن منافقن کي، جن (مردود يهودين کي) دوست بڻايو، جن تي الله ڏمر ڪيو آهي. (اي مؤمنو!) اهي نہ

وَلَا مِنْهُمْ ۙ وَيَحْلِفُوْنَ عَلَى الْكَذِبِ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٤﴾ ج اَعَدَّ اللّٰهُ

توهان مان آهن ۽ نہ انھن (يھودين) مان آهن ۽ ڪوڙا قسم کڻن ٿا (تہ اسان جي يھودين سان دوستي نہ آهي.) ﴿١٤﴾

لَهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ۭ اِنَّهُمْ سَاۗءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٥﴾ اِتَّخَذُوْٓا

الله تعاليٰ انھن لاءِ ڏاڍو سخت عذاب تيار ڪري رکيو آهي، بيشڪ اهي ڏاڍا بڇڙا ڪم ڪن ٿا ﴿١٥﴾ انھن پنھنجن

اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿١٦﴾

قسمن کي ڍال بڻايو آهي، پوءِ الله جي واٽ کان روڪين ٿا، پوءِ سندن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي ﴿١٦﴾

لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔـا ۭ اُولٰۗىِٕكَ

هرگز سندن مالَ ۽ سندن اولاد کين الله (جي عذاب) کان ڪجھ بہ بچائي نہ سگھندا. اهي ئي ماڻھو دوزخي

اَصْحٰبُ النَّارِ ۭ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿١٧﴾ يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا

آهن، اهي ئي منجھس سدائين رهندڙ آهن ﴿١٧﴾ (ياد ڪر انھيءَ) ڏينھن کي جڏهن الله سڀني کي اٿاريندو، پوءِ الله

فَيَحْلِفُوْنَ لَهٗ كَمَا يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ عَلٰي شَيْءٍ ۭ

جي سامھون قسم کڻندا، جيئن توهان سان قسم کڻن ٿا (تہ اسين مشرڪ نہ آهيون) ۽ ڀانئين ٿا تہ اهي ڪنھن شيءِ تي

اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿١٨﴾ اِسْتَحْوَذَ عَلَيْهِمُ الشَّيْطٰنُ فَاَنْسٰىهُمْ ذِكْرَ اللّٰهِ ۭ

آهن. ٻڌو! اهي ئي ڪوڙا آهن ﴿١٨﴾ شيطان سندن سر تي سوار ٿيو، پوءِ کين الله جي ذڪر کان غافل ڪري ڇڏيائين. اهي

اُولٰۗىِٕكَ حِزْبُ الشَّيْطٰنِ ۭ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ الشَّيْطٰنِ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٩﴾ اِنَّ

ئي شيطان جا لشڪرَ آهن. ٻڌو! شيطاني لشڪرَ ئي سڀ کان وڌيڪ نقصان وارا آهن ﴿١٩﴾ بيشڪ جيڪي الله ۽ سندس

الَّذِيْنَ يُحَاۗدُّوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗٓ اُولٰۗىِٕكَ فِي الْاَذَلِّيْنَ ﴿٢٠﴾ كَتَبَ اللّٰهُ

رسول سان دشمني ۽ مخالفت ڪن ٿا، اهي ئي (آخرت ۾) سڀ کان وڌيڪ ذليل آهن ﴿٢٠﴾ الله لکي ڇڏيو آهي تہ ضرور آءٌ ۽

لَاَغْلِبَنَّ اَنَا وَرُسُلِيْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿۲۱﴾ لَا تَجِدُ قَوْمًا يُّؤْمِنُوْنَ

منهنجا رسول (فتح، قهر يا حجت سان) غالب ٿيندا سون. بيشڪ الله سگھارو، غالب آھي ﴿۲۱﴾ اھڙي ڪا قوم نہ لھندين،

بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ يُوَآدُّوْنَ مَنْ حَآدَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَوْ كَانُوْٓا

جيڪا الله ۽ آخرت جي ڏينھن تي ايمان رکندي ھجي، پوءِ انھن سان بہ دوستي رکي، جيڪي الله ۽ سندس رسول سان

اٰبَآءَهُمْ اَوْ اَبْنَآءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْ عَشِيْرَتَهُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ كَتَبَ فِيْ

دشمني ڪن ٿا، جيتوڻيڪ سندن ابا ڏاڏا ۽ پٽ ۽ ڀائر ۽ ڪٽنب جا ماڻھو ھجن. اھي ئي ماڻھو آھن، جن جي دلين ۾ الله

قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَاَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ؕ وَيُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ

ايمان لکي (يعني مضبوط ڪري) ڇڏيو آھي ۽ پنھنجي روح (يعني مدد) سان سندن تائيد ڪئي آھي ۽ انھن کي اھڙن

تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ؕ

باغن ۾ داخل ڪندو، جن جي (وڻن يا محلات جي) ھيٺان نھرون وھن ٿيون. اھي منجھن سدائين رھندڙ آھن. الله انھن

اُولٰٓئِكَ حِزْبُ اللّٰهِ ؕ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۲۲﴾ ع

کان راضي ٿيو ۽ اھي الله کان راضي ٿيا. اھي ئي الله جا لشڪر آھن. ٻڌو! الله جا لشڪر ئي ڪامياب آھن ﴿۲۲﴾

رکوعاتھا ۳ (۵۹) سُوْرَةُ الْحَشْرِ مَدَنِيَّةٌ (۱۰۱) اٰياتھا ۲۴

سورة الحشر مدني آھي. ھن ۾ چوويھہ آيتون ۽ ٽي رڪوع آھن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو دنيا ۾ رحمٰن ۽ آخرت ۾ رحيم آھي.

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۱﴾

جيڪي ڪجھہ آسمانن ۾ آھي ۽ جيڪي ڪجھہ زمين ۾ آھي، سڀ الله جي تسبيح ڪن ٿا ۽ اھو ئي غالب، حڪمت وارو آھي ﴿۱﴾

هُوَ الَّذِیْٓ اَخْرَجَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ دِیَارِهِمْ لِاَوَّلِ

اهو ئي (الله) آهي، جنهن ڪتاب وارن مان ڪافرن (يعني بنو نضير قبيلي) کي سندن گھرن مان حشر جي پهرئين ڏينهن ڪڍيو

الْحَشْرِ ؕ مَا ظَنَنْتُمْ اَنْ یَّخْرُجُوْا وَ ظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ مَّانِعَتُهُمْ حُصُوْنُهُمْ

(يعني عربستان جي جزيري مان يهودين جو ملڪ شام ڏانهن ڪيڻ مراد آهي. اي ايمان وارو!) توهان کي گمان به نه هو ته (اتان پنهنجي
فوجي طاقت جي باوجود اهي) نڪرندا ۽ انهن ڀانيو ته سندن قلعا کين الله (جي عذاب) کان بچائيندا، پوءِ مٿن الله اتان (عذاب) آندو،

وَقْفُ النَّبِیّ صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَسَلَّم

مِّنَ اللّٰهِ فَاَتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ حَیْثُ لَمْ یَحْتَسِبُوْا وَ قَذَفَ فِیْ قُلُوْبِهِمُ

جتان کين گمان به نه هو ۽ سندن دلين ۾ رعب وڌائين (۽ اها حضرت محمد ﷺ جي خاصيت آهي، جو سندن دشمن هڪ مهيني جي

الرُّعْبَ یُخْرِبُوْنَ بُیُوْتَهُمْ بِاَیْدِیْهِمْ وَ اَیْدِی الْمُؤْمِنِیْنَ ۗ فَاعْتَبِرُوْا یٰۤاُولِی

مفاصلي تان ڏڪاءَ ۾ اچي، پڇڻ تي مجبور ٿيندو هو) پنهنجن هٿن سان پنهنجا گھر ڊاهي رهيا هئا ۽ مؤمن به (سندن گھر ڊاهي

الْاَبْصَارِ ﴿۲﴾ وَ لَوْ لَاۤ اَنْ كَتَبَ اللّٰهُ عَلَیْهِمُ الْجَلَآءَ لَعَذَّبَهُمْ فِی الدُّنْیَا ؕ

رهيا هئا) پوءِ اي اکين وارو! عبرت حاصل ڪريو ﴿٢﴾ ۽ جيڪڏهن الله سندن لاءِ جلاوطني نه لکي ها (يعني جلاوطني سندن لاءِ مقدر

وَ لَهُمْ فِی الْاٰخِرَةِ عَذَابُ النَّارِ ﴿۳﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ شَآقُّوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ ۚ

آهي) ته پوءِ ضرور کين دنيا ۾ (قتل ۽ قيد جو) عذاب ڏي ها ۽ سندن لاءِ آخرت ۾ باهه جو عذاب آهي ﴿٣﴾ اهو هن ڪري آهي ته انهن

وَ مَنْ یُّشَآقِّ اللّٰهَ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِیْدُ الْعِقَابِ ﴿۴﴾ مَا قَطَعْتُمْ مِّنْ

الله ۽ سندس رسول (ﷺ) سان دشمني ڪئي ۽ جيڪو الله سان دشمني ڪندو ته پوءِ بيشڪ الله سخت عذاب ڏيندڙ آهي ﴿٤﴾ ڪجين

لِّیْنَةٍ اَوْ تَرَكْتُمُوْهَا قَآىِٕمَةً عَلٰۤى اُصُوْلِهَا فَبِاِذْنِ اللّٰهِ وَ لِیُخْزِیَ

جا جيڪي وڻ توهان وڍيا يا جن کي توهان بيٺل ڇڏي ڏنو، (اهي بئي ڪم) الله تعاليٰ جي حڪم سان هئا ته جيئن الله

الْفٰسِقِیْنَ ﴿۵﴾ وَ مَاۤ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْهُمْ فَمَاۤ اَوْجَفْتُمْ عَلَیْهِ

فاسقن کي خوار ڪري ﴿٥﴾ ۽ الله پنهنجي پيغمبر (ﷺ) کي جيڪي گھڻا مال ڏياريا (جن کي فيءِ جو مال سڏجي ٿو) پوءِ

مِنْ خَيْلٍ وَّلَا رِكَابٍ وَّلٰكِنَّ اللّٰهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهٗ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ؕ

انهن لاءِ نہ توهان گهوڙا ڊوڙايا ۽ نہ اُٺ (يعني اهي مسلمانن کي جهاد کان سواءِ هٿ آيا) ۽ پر الله جنهن تي گهرندو آهي،

وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٦﴾ مَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْ

پنهنجن رسولن کي مسلط کندو آهي ۽ الله هر شيءِ تي سگهہ وارو آهي ﴿٦﴾ ۽ الله پنهنجي پيغمبر (ﷺ) کي (ڪافر) ڳوٺاڻن

اَهْلِ الْقُرٰى فَلِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَ

جا جيڪي مال ڏنا، سي الله ۽ سندس رسول (ﷺ) ۽ (پيغمبر ﷺ جي) عزيزن، قريبن (يعني بنوهاشم لاءِ آهن، نڪي

ابْنِ السَّبِيْلِ ۙ كَيْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةًۢ بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ مِنْكُمْ ؕ وَمَآ

بنوعبد المطلب لاءِ) ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهن (يعني خمس جا چار حصا رسول الله ﷺ جن لاءِ ۽ هڪ حصو ذڪر ڪيل
ماڻهن لاءِ آهي)، جيئن (مال) توهان مان دولتمندن ۾ ڦرندو نہ رهي ۽ الله جو رسول (ﷺ) توهان کي جيڪي ڪجهہ (مال)

اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۚ وَمَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ

ڏي سو وٺو (يا جيڪي حڪم ڪري، تنهن تي عمل ڪريو) ۽ جنهن کان توهان کي روڪي، تنهن کان باز اچو ۽ الله

اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٧﴾ لِلْفُقَرَآءِ الْمُهٰجِرِيْنَ الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا

وقف لازم

کان ڊڄو. بيشڪ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي ﴿٧﴾ (غنيمتن مان ورتل اهو خمس جو مال) فقير مهاجرن لاءِ آهي، جن

مِنْ دِيَارِهِمْ وَاَمْوَالِهِمْ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانًا وَّ

کي سندن گهرن مان ۽ سندن مالن مان ڪڍيو ويو آهي. اهي الله جو فضل ۽ رضامندي طلب ڪن ٿا ۽ الله ۽ سندس

يَنْصُرُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ ۚ ﴿٨﴾ وَالَّذِيْنَ

رسول (ﷺ جي دين) جي مدد ڪن ٿا. اهي ئي (پنهنجي ايمان ۾) سچا آهن ﴿٨﴾ ۽ (پڻ انهن لاءِ بہ آهي) جن انهن

تَبَوَّؤُ الدَّارَ وَالْاِيْمَانَ مِنْ قَبْلِهِمْ يُحِبُّوْنَ مَنْ هَاجَرَ اِلَيْهِمْ وَ

کان اڳ (هجرت جي) گهر (دارالاسلام يعني مديني) ۾ پناهہ ڏني ۽ ايمان کي قبول ڪيائون ۽ انهن کي پسند ڪن

لَا يَجِدُوْنَ فِيْ صُدُوْرِهِمْ حَاجَةً مِّمَّآ اُوْتُوْا وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓى

تا، جن انهن ڏانهن هجرت ڪئي ۽ ڪين جيڪي ڪجهہ ڏنو ويو، تنهن جي باري ۾ پنهنجن سينن ۾ ڪا تنگي (۽ ساڙ) نٿا

اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ط قف وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ

لهن ۽ پاڻ تي (مهاجرن) کي ترجيح ڏين ٿا، جيتوڻيڪ کين (مال جي) ضرورت هوندي آهي ۽ جنهن کي دل جي

فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ⑨ ج وَالَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ

بخيليءَ کان بچايو ويو تہ پوءِ اهي ئي ڪاميابي ماڻهو آهن ⑨ ۽ جيڪي انهن (مهاجرن ۽ انصار) کان پوءِ (قيامت جي ڏينهن

رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَلِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ وَلَا تَجْعَلْ

تائين) ايندا رهندا، اهي چوندا آهن تہ ربّ اسان جا! اسان جي بہ ۽ اسان جي انهن ڀائرن جي بہ بخشش فرماءِ جن ايمان ۾

فِيْ قُلُوْبِنَا غِلًّا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا رَبَّنَآ اِنَّكَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ⑩ ع

اسان کان سبقت ڪئي ۽ اسان جي دلين ۾ مؤمنن لاءِ ڪوٽ نہ وجهہ. ربّ اسان جا! بيشڪ تون مهربان رحم، ڪندڙ آهين ⑩

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ نَافَقُوْا يَقُوْلُوْنَ لِاِخْوَانِهِمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ

ڇامنافقن کي نہ ڏٺئي، جن (نبي ڪريم ﷺ جن جي طرفان بنو نضير جي گهيراءُ وقت) ڪتاب وارن مان ڪفر ڪندڙ

اَهْلِ الْكِتٰبِ لَئِنْ اُخْرِجْتُمْ لَنَخْرُجَنَّ مَعَكُمْ وَلَا نُطِيْعُ فِيْكُمْ

پنهنجن ڀائرن کي چيو تہ جيڪڏهن توهان کي لوڌي ڪڍيو ويو تہ ضرور اسان بہ توهان سان گڏ نڪرنداسون ۽ توهان جي

اَحَدًا اَبَدًا لا وَّاِنْ قُوْتِلْتُمْ لَنَنْصُرَنَّكُمْ ط وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ

باري ۾ هرگز ڪنهن جو چيو نہ مڃينداسون ۽ جيڪڏهن توهان سان ويڙهہ ڪئي وئي تہ ضرور توهان جي مدد ڪنداسون

لَكٰذِبُوْنَ ⑪ لَئِنْ اُخْرِجُوْا لَا يَخْرُجُوْنَ مَعَهُمْ ج وَلَئِنْ قُوْتِلُوْا

۽ الله گواهي ڏئي ٿو تہ پڪ اهي ڪوڙا آهن ⑪ جيڪڏهن اهي (يهودي مديني مان) لوڌي ڪڍيا ويا تہ (منافق) ساڻن گڏ نہ

لَا يَنْصُرُوْنَهُمْ ۚ وَلَئِنْ نَّصَرُوْهُمْ لَيُوَلُّنَّ الْاَدْبَارَ ۙ ثُمَّ لَا

نڪرندا ۽ جيڪڏهن ساڻن جنگ ڪئي وئي ته (منافق) سندن مدد نه ڪندا ۽ جيڪڏهن سندن مدد ڪيائون ته ضرور پٺي ڦيرائي

يُنْصَرُوْنَ ⑫ لَاَنْتُمْ اَشَدُّ رَهْبَةً فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنَ اللّٰهِ ۭ ذٰلِكَ

ڀڄندا، پوءِ ڪين مدد نه ڏني ويندي ⑫ (اي مسلمانو!) يقيناً سندن (پليت) دلين ۾ الله جي بجاءِ توهان جي دهشت وڌيڪ آهي،

بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ⑬ لَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ جَمِيْعًا اِلَّا فِيْ قُرًى

ڇاڪاڻ ته اهي بي سمجهه ماڻهو آهن (۽ الله جي وڏائيءَ جو خيال نٿا رکن.) ⑬ (يهودي) ڪڏهن توهان سان گڏجي جنگ نه

مُّحَصَّنَةٍ اَوْ مِنْ وَّرَاۗءِ جُدُرٍ ۭ بَاْسُهُمْ بَيْنَهُمْ شَدِيْدٌ ۭ تَحْسَبُهُمْ

ڪندا، مگر (آبادين جي اندر) مضبوط قلعن يا ڀتين جي پويان. هڪ ٻئي جي خلاف سندن نفرت ۽ دشمني وڌيڪ سخت آهي.

جَمِيْعًا وَّقُلُوْبُهُمْ شَتّٰى ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ ⑭ ۚ كَمَثَلِ

ڪين گڏ ڀانئين ٿو ۽ سندن دليون جدا جدا آهن، ڇاڪاڻ ته اهي بي سمجهه ماڻهو آهن (جيڪي پنهنجي مصلحت به نٿا ڄاڻن.) ⑭

الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَرِيْبًا ذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ

انهن (يهودين) جو حال (بدر جي مقتول ڪافرن) وانگر آهي، جيڪي انهن کان ڪجهه وقت اڳ پنهنجن ڪمن جو وبال چکي

اَلِيْمٌ ⑮ ۚ كَمَثَلِ الشَّيْطٰنِ اِذْ قَالَ لِلْاِنْسَانِ اكْفُرْ ۚ فَلَمَّا كَفَرَ قَالَ

چڪا آهن ۽ سندن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ⑮ (منافقن طرفان يهودين جي مدد ائين آهي)، جيئن شيطان (جي مدد)، جڏهن
شيطان، انسان (يعني يهودي زاهد) کي چيو ته ڪفر ڪر. پوءِ جڏهن ان ڪفر ڪيو (۽ ڪن ڳالهين ۾ شيطان جو چيو مڃڻ سبب

اِنِّيْ بَرِيْۗءٌ مِّنْكَ اِنِّىْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ⑯ فَكَانَ عَاقِبَتَهُمَآ

ڦاهيءَ جي ڦندي تي پهتو ته ڪيس شيطان) چيو ته بيشڪ آءٌ توکان بيزار آهيان، بيشڪ آءٌ جهانن جي ربّ الله کان ڊڄان ٿو ⑯

اَنَّهُمَا فِي النَّارِ خَالِدَيْنِ فِيْهَا ۭ وَذٰلِكَ جَزٰۗؤُا الظّٰلِمِيْنَ ⑰ ع

پوءِ (انهن) ٻنهي جي پڇاڙي اها ٿي ته اهي ٻئي سدائين دوزخ ۾ رهڻ وارا آهن ۽ اها ئي ظالمن جي سزا آهي ⑰

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ وَ

اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ هر شخص کي ڏسڻ گهرجي ته سڀاڻي (يعني قيامت) لاءِ ڇا اڳتي موڪليو

اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ

اٿس ۽ الله کان ڊڄو. بيشڪ الله توهان جي ڪمن جي خبر رکندڙ آهي ﴿١٨﴾ ۽ انهن وانگر نه ٿيو جن الله (جي

نَسُوا اللّٰهَ فَاَنْسٰىهُمْ اَنْفُسَهُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿١٩﴾ لَا يَسْتَوِيْٓ

فرمانبرداري ڇڏي ان) کي وساري ڇڏيو پوءِ الله به کين وساري ڇڏيو، اهي ئي گنهگار ماڻهو آهن ﴿١٩﴾ دوزخي ۽

اَصْحٰبُ النَّارِ وَاَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ؕ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿٢٠﴾ لَوْ

جنتي (پنهي قسمن جا ماڻهو هڪجهڙا ۽) برابر نٿا ٿي سگهن. جنت وارا ئي ڪامياب آهن ﴿٢٠﴾ جيڪڏهن

اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ

اسان هن قرآن کي ڪنهن جبل تي لاهيون ها ته ضرور ان کي الله جي خوف کان ڏڪندي، ٽڪر ٽڪر

اللّٰهِ ؕ وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢١﴾

ٿيندي ڏسين ها. اهي مثال ماڻهن لاءِ بيان ڪريون ٿا ته مَنَ اهي سوچ کان ڪم وٺن ﴿٢١﴾

هُوَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ ۚ هُوَ الرَّحْمٰنُ

اهو الله ئي آهي، جنهن کان سواءِ ڪو معبود نه آهي، ڳجهه ۽ ظاهر کي ڄاڻندڙ آهي. اهو ئي مهربان، رحم

الرَّحِيْمُ ﴿٢٢﴾ هُوَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْمَلِكُ الْقُدُّوْسُ السَّلٰمُ

ڪندڙ آهي ﴿٢٢﴾ اهو الله ئي آهي، جنهن کان سواءِ ڪو معبود نه آهي، (اهو ئي حقيقي) بادشاهه آهي، (عيبن کان)

الْمُؤْمِنُ الْمُهَيْمِنُ الْعَزِيْزُ الْجَبَّارُ الْمُتَكَبِّرُ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا

پاڪ آهي، (هر قسم جي نقصانن کان) سلامتيءَ وارو آهي، (پنهنجن پيارن کي عذاب کان) امن ڏيندڙ، نگهبان،

يُشْرِكُوْنَ ﴿٢٣﴾ هُوَ اللّٰهُ الْخَالِقُ الْبَارِئُ الْمُصَوِّرُ لَهُ الْاَسْمَآءُ

زبردست، جبار، وڏائيءَ وارو آهي. (مشرڪ ساٿس) جيڪو شرڪ ڪن ٿا، الله انهيءَ کان پاڪ آهي ﴿٢٣﴾ اهو الله ئي آهي،
جيڪو پيدا ڪندڙ آهي، نئين سر وجود عطا ڪندڙ آهي. شڪلون ۽ صورتون بخشيندڙ آهي، سندس لاءِ سهڻا نالا آهن.

الْحُسْنٰى ط يُسَبِّحُ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ج وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢٤﴾ ع

آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪا به (مخلوق) آهي، اها ان جي ئي تسبيح بيان ڪري ٿي ۽ اهو ئي غالب، حڪمت وارو آهي ﴿٢٤﴾

(٦٠) سُوْرَةُ الْمُمْتَحِنَةِ مَدَنِيَّةٌ (٩١)

اٰيَاتُهَا ١٣ — رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة الممتحنة مدني آهي. هن ۾ تيرنهن آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ ، رحم ڪندڙ آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّيْ وَعَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ تُلْقُوْنَ

اي ايمان وارو! منهنجي دشمن ۽ پنهنجي دشمن سان دوستي نه رکو. انهن ڏانهن محبت جا پيغام (۽ پيغمبر پاڪ ﷺ

اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ وَقَدْ كَفَرُوْا بِمَا جَآءَكُمْ مِّنَ الْحَقِّ ج يُخْرِجُوْنَ

جا راز) موڪليو ٿا، حالانڪ توهان وٽ جيڪو حقّ (اسلام ۽ قرآن) آيو آهي، تنهن جو ڪفر ڪن ٿا. (الله جي) رسول

الرَّسُوْلَ وَاِيَّاكُمْ اَنْ تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ رَبِّكُمْ ط اِنْ كُنْتُمْ خَرَجْتُمْ جِهَادًا

(سڳوري ﷺ) ۽ خاص توهان کي به (اي مؤمنو! مڪي مان) ڪڍن ٿا جو توهان پنهنجي ربّ الله تي ايمان آڻيو ٿا.

فِيْ سَبِيْلِيْ وَابْتِغَآءَ مَرْضَاتِيْ تُسِرُّوْنَ اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ ق صلے وَاَنَا اَعْلَمُ

جيڪڏهن (مڪي مان) منهنجي واٽ ۾ جهاد ۽ منهنجي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ نڪتا آهيو (ته ڇا پوءِ به ساڻن دوستي

بِمَآ اَخْفَيْتُمْ وَمَآ اَعْلَنْتُمْ ط وَمَنْ يَّفْعَلْهُ مِنْكُمْ فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ

رکندا؟) توهان انهن ڏانهن ڳجها محبت جا پيغام (۽ پيغمبر پاڪ ﷺ جا راز) موڪليو ٿا ۽ توهان جيڪي ڪجهه لڪايو ٿا،

السَّبِيْلِ ① اِنْ يَّثْقَفُوْكُمْ يَكُوْنُوْا لَكُمْ اَعْدَآءً وَّيَبْسُطُوْٓا اِلَيْكُمْ

۽ جيڪي ڪجهه ظاهر ڪريو ٿا، تنهن کي آءٌ چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو ۽ توهان مان جيڪو ائين ڪندو، بيشڪ اهو سڌيءَ واٽ کان گمراه ٿي

ويو ① جيڪڏهن توهان تي سوڀ حاصل ڪندا ته توهان جا (جاني) دشمن ثابت ٿيندا ۽ توهان ڏانهن پنهنجا هٿ ۽ پنهنجون زبانون

اَيْدِيَهُمْ وَاَلْسِنَتَهُمْ بِالسُّوْٓءِ وَوَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ ② لَنْ تَنْفَعَكُمْ

بڇڙائيءَ سان وڌائيندا ۽ گهرن ٿا ته جيڪر توهان به ڪفر ڪريو ② قيامت جي ڏينهن توهان جي مٽي مائٽي ۽ توهان

اَرْحَامُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ ۚ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ يَفْصِلُ بَيْنَكُمْ ۗ وَاللّٰهُ

معانقة ١٦ عند المتأخرين اتفاق الوقف على القيمة

جو اولاد توهان کي ڪو فائدو نه ڏيندو (الله) توهان جي وچ ۾ فيصلو فرمائيندو ۽ جيڪي ڪم توهان ڪريو ٿا، تن کي الله

بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ③ قَدْ كَانَتْ لَكُمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ

ڏسندڙ آهي ③ بيشڪ (اي ايمان وارو!) توهان لاءِ ابراهيم ۽ سندس ساٿين ۾ سهڻو نمونو آهي، جڏهن پنهنجي قوم کي

وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ ۚ اِذْ قَالُوْا لِقَوْمِهِمْ اِنَّا بُرَءٰٓؤُا مِنْكُمْ وَمِمَّا تَعْبُدُوْنَ

چيائون ته بيشڪ اسين توهان کان ۽ الله کان سواءِ جن جي توهين عبادت ڪريو ٿا، انهن کان بيزار آهيون. توهان جا

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۫ كَفَرْنَا بِكُمْ وَبَدَا بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةُ وَالْبَغْضَآءُ

انڪاري ٿياسون ۽ اسان ۽ توهان جي وچ ۾ دشمني ۽ بغض هميشه لاءِ ظاهر ٿي چڪو، تانجو توهان به هڪ الله تي ايمان

اَبَدًا حَتّٰى تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗٓ اِلَّا قَوْلَ اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْهِ

آڻيو، مگر ابراهيم جو پنهنجي پيءُ سان ڪيل قول قرار ته ضرور تنهنجي لاءِ الله کان بخشش گهرندس ۽ آءٌ تو کي الله

لَاَسْتَغْفِرَنَّ لَكَ وَمَآ اَمْلِكُ لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۭ رَبَّنَا عَلَيْكَ

(جي عذاب) کان ڪجهه به بچائڻ جو مالڪ نه آهيان. ربّ اسان جا! اسان تو تي توڪل ڪيو ۽ تو ڏانهن رجوع ڪيوسون ۽

تَوَكَّلْنَا وَاِلَيْكَ اَنَبْنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ④ رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً

(اسان سڀني کي) تو ڏانهن ئي موٽڻو آهي ④ ربّ اسان جا! جن ماڻهن ڪفر ڪيو، اسان کي انهن لاءِ آزمائش جو سبب نه

لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَاغْفِرْ لَنَا رَبَّنَا ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝٥ لَقَدْ

ڪر ۽ ربَّ اسان جا! اسان کي بخش. بيشڪ تون غالب حڪمت وارو آهين ⑤ بيشڪ انهن ماڻهن ۾ توهان لاءِ بهترين نمونو آهي،

كَانَ لَكُمْ فِيْهِمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ ۗ

انهيءَ شخص لاءِ جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن (جي اجر) جي اميد رکي ٿو ۽ جيڪو (انهن کان) پٺي ڦير ائيندو ته پوءِ بيشڪ

وَمَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ۝٦ ع عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّجْعَلَ

الله بي پرواهه ساراهيل آهي ⑥ ويجهو آهي ته الله توهان جي ۽ انهن (يعني مڪي وارن) جي وچ ۾ محبت پيدا ڪري، جن

بَيْنَكُمْ وَبَيْنَ الَّذِيْنَ عَادَيْتُمْ مِّنْهُمْ مَّوَدَّةً ۗ وَاللّٰهُ قَدِيْرٌ ۗ

سان توهان جي دشمني آهي. (يعني سندن اسلام آڻڻ کان پوءِ) ۽ الله وس وارو آهي ۽ الله بخشڻهار، مهربان

وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٧ لَا يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيْنَ لَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ

آهي ⑦ جن ماڻهن توهان سان دين جي باري ۾ ويڙهه نه ڪئي آهي ۽ توهان کي توهان جي گهرن مان نه ڪڍيو

فِي الدِّيْنِ وَلَمْ يُخْرِجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ اَنْ تَبَرُّوْهُمْ وَتُقْسِطُوْٓا

آهي، (قبيله خزاعه وارا مراد آهن)، تن جي باري ۾ الله توهان کي نٿو روڪي ته ساڻن سهڻو سلوڪ ڪريو ۽ انهن سان انصاف

اِلَيْهِمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ۝٨ اِنَّمَا يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيْنَ

ڪريو. بيشڪ الله انصاف ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو ⑧ الله ته توهان کي انهن کان روڪي ٿو ، جن توهان سان دين ۾ جنگ

قٰتَلُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ وَاَخْرَجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ وَظٰهَرُوْا عَلٰٓى اِخْرَاجِكُمْ

ڪئي ۽ توهان کي توهان جي گهرن مان ڪڍيائون ۽ (جن) توهان کي (مڪي مان) ڪڍڻ ۾ (ڪافرن جي) مدد ڪئي ته انهن

اَنْ تَوَلَّوْهُمْ ۚ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ۝٩ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ

سان دوستي (نه) رکو ۽ جيڪو انهن سان دوستي رکندو، پوءِ اهي ئي ماڻهو ظالم آهن ⑨ اي ايمان وارو! جڏهن توهان وٽ

اٰمَنُوْٓا اِذَا جَآءَكُمُ الْمُؤْمِنٰتُ مُهٰجِرٰتٍ فَامْتَحِنُوْهُنَّ ؕ اَللّٰهُ اَعْلَمُ

مؤمن عورتون هجرت ڪري اچن تہ ڪين آزمايو (انهن کان قسم وٺو تہ رڳو اسلام جي محبت سبب هجرت ڪئي اٿن.) الله سندن ايمان

بِاِيْمَانِهِنَّ ۚ فَاِنْ عَلِمْتُمُوْهُنَّ مُؤْمِنٰتٍ فَلَا تَرْجِعُوْهُنَّ اِلَى الْكُفَّارِ ؕ

کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي. پوءِ جيڪڏهن توهان کين مؤمنياڻيون ڄاڻو تہ کين ڪافرن ڏانهن نہ موٽايو. نہ اِهي (مؤمنياڻيون) سندن

لَا هُنَّ حِلٌّ لَّهُمْ وَلَا هُمْ يَحِلُّوْنَ لَهُنَّ ؕ وَاٰتُوْهُمْ مَّآ اَنْفَقُوْا ؕ

لاءِ حلال آهن ۽ نہ اهي (ڪافر) انهن لاءِ حلال آهن ۽ کين اهو (مهر موٽائي) ڏيو، جيڪو (ڪافرن مٿن) خرچ ڪيو آهي ۽ توهان تي

وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ؕ وَلَا

ڪو گناهہ نہ آهي تہ کين سندن مهر ڏئي ساڻن نڪاح ڪريو ۽ ڪافر عورتن جي عزت کي قبضي ۾ نہ رکو (جڏهن اسلام کي ڇڏي

تُمْسِكُوْا بِعِصَمِ الْكَوَافِرِ وَسْـَٔلُوْا مَآ اَنْفَقْتُمْ وَلْيَسْـَٔلُوْا مَآ اَنْفَقُوْا ؕ

ڪافرن سان وڃي ملن) ۽ (مهر وغيره) جيڪي ڪجهہ توهان (مٿن) خرچ ڪيو آهي، سو (مرتد ڪافرياڻين سان نڪاح ڪندڙ ڪافر

ذٰلِكُمْ حُكْمُ اللّٰهِ ؕ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ⑩ وَاِنْ

مردن کان) گهرو. اهو الله جو حڪم آهي (اهوئي) توهان جي وچ ۾ فيصلو فرمائيندو ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ⑩ ۽

فَاتَكُمْ شَيْءٌ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ اِلَى الْكُفَّارِ فَعَاقَبْتُمْ فَاٰتُوا الَّذِيْنَ

جيڪڏهن توهان جي گهر وارين مان ڪا (مرتد ٿي) ڪافرن وٽ وڃي، پوءِ توهان انهن (ڪافرن) تي غالب اچو (۽ مال غنيمت حاصل

ذَهَبَتْ اَزْوَاجُهُمْ مِّثْلَ مَآ اَنْفَقُوْا ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ

ڪريو تہ) ان مان انهن (ڪافرن) کي ايترو مال ڏيو، جيترو انهن زالن تہ خرچ ڪيو آهي ۽ الله کان ڊڄو جنهن تي توهان ايمان رکندڙ

بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ⑪ يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا جَآءَكَ الْمُؤْمِنٰتُ يُبَايِعْنَكَ عَلٰٓى اَنْ

آهيو ⑪ اي (تعظيم ۽ احترام جا لائق) نبي! جڏهن تو وٽ مؤمنياڻيون اچي توسان بيعت ڪن (هن ڳالهہ تي) تہ الله سان ڪنهن

لَّا يُشْرِكْنَ بِاللّٰهِ شَيْـًٔا وَّلَا يَسْرِقْنَ وَلَا يَزْنِيْنَ وَلَا يَقْتُلْنَ

کي شريڪ نہ ڪنديون ۽ چوري نہ ڪنديون ۽ زنا نہ ڪنديون ۽ پنهنجي اولاد کي قتل نہ ڪنديون ۽ پنهنجي اڳيان ۽

اَوْلَادَهُنَّ وَلَا يَاْتِيْنَ بِبُهْتَانٍ يَّفْتَرِيْنَهٗ بَيْنَ اَيْدِيْهِنَّ وَاَرْجُلِهِنَّ وَ

پنهنجي پويان ناحقّ ڪنهن تي بهتان نہ هڻنديون (يعني ڌاري اولاد کي پنهنجن مڙسن جو حقيقي اولاد ثابت نہ

لَا يَعْصِيْنَكَ فِيْ مَعْرُوْفٍ فَبَايِعْهُنَّ وَاسْتَغْفِرْ لَهُنَّ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

ڪنديون) ۽ نيڪيءَ جي ڪنهن ڪم ۾ تنهنجي نافرماني نہ ڪنديون تہ پوءِ ساڻن بيعت ڪر ۽ انهن لاءِ الله کان بخشش

غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ⑫ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ

گهر. بيشڪ الله بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ⑫ اي ايمان وارو! انهيءَ قوم (يعني يهودين) سان دوستي نہ رکو. جن

قَدْ يَئِسُوْا مِنَ الْاٰخِرَةِ كَمَا يَئِسَ الْكُفَّارُ مِنْ اَصْحٰبِ الْقُبُوْرِ ⑬ ع

تي الله ڏمر ڪيو. بيشڪ اهي آخرت کان مايوس ٿي چڪا آهن، جيئن ڪافر قبر وارن کان مايوس ٿيندا آهن ⑬

اٰيَاتُهَا ١٤ (٦١) سُوْرَةُ الصَّفِّ مَدَنِيَّةٌ (١٠٩) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة الصف مدني آهي. منجهس چوڏنهن آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ ، رحم ڪندڙ آهي.

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ①

آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪا بہ شيءِ آهي، سا الله جي ساراهہ ڪري ٿي ۽ اهو ئي غالب حڪمت وارو آهي ①

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ② كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ

اي ايمان وارو! اها ڳالهہ ڇو ٿا چئو، جنهن تي توهان پاڻ عمل نٿا ڪريو؟ ② اهو الله وٽ ڏاڍو ڪاوڙ جوڳو ڪم آهي تہ

اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَ

اها ڳالهه چئو جنهن تي توهان پاڻ عمل نٿا ڪريو ﴿٣﴾ بيشڪ الله انهن ماڻهن سان محبت ڪري ٿو، جيڪي سندس واٽ

فِيْ سَبِيْلِهٖ صَفًّا كَاَنَّهُمْ بُنْيَانٌ مَّرْصُوْصٌ ﴿٤﴾ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى

۾ صفون ٻڌي وڙهن ٿا، ڄڻ ته اهي سيهو پياريل مضبوط ديوار آهن ﴿٤﴾ ۽ (ياد ڪر اي محمد ﷺ!) جڏهن موسيٰ

لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ لِمَ تُؤْذُوْنَنِيْ وَقَدْ تَّعْلَمُوْنَ اَنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ

پنهنجي قوم کي چيو ته اي منهنجي قوم! مون کي چو ٿا ايذايو، حالانڪ ڄاڻو ٿا ته آءٌ توهان ڏانهن الله جو رسول

اِلَيْكُمْ ؕ فَلَمَّا زَاغُوْٓا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ

ٿي آيو آهيان، پوءِ جڏهن اهي ڏنگا ٿي ويا ته الله سندن دليون ڏنگيون ڪري ڇڏيون ۽ الله نافرمان قوم کي

الْفٰسِقِيْنَ ﴿٥﴾ وَاِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِنِّيْ

هدايت نٿو بخشي ﴿٥﴾ ۽ (ياد ڪر اي محمد ﷺ!) جڏهن مريم جي پٽ عيسيٰ (عليه السلام) چيو ته اي بني اسرائيل!

رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَ

بيشڪ آءٌ توهان ڏانهن الله جو رسول ٿي آيو آهيان، مون کان اڳ جيڪو (ڪتاب) توريت آهي، تنهن جي

مُبَشِّرًاۢ بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗٓ اَحْمَدُ ؕ فَلَمَّا جَآءَهُمْ

تصديق ڪندڙ آهيان ۽ مون کان پوءِ احمد (ﷺ) نالي هڪ رسول ايندو، تنهن جي بشارت ڏيندڙ آهيان. پوءِ جڏهن

بِالْبَيِّنٰتِ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٦﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى

وٽن پڌريون نشانيون آيون، چيائون ته هيءُ ته پڌرو جادو آهي ﴿٦﴾ ۽ ان شخص کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي، جيڪو

اللّٰهِ الْكَذِبَ وَهُوَ يُدْعٰٓى اِلَى الْاِسْلَامِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ

الله تي ڪوڙو بهتان هڻي ۽ ڪيس اسلام ڏانهن دعوت ڏني وڃي ٿي؟ ۽ الله ظالم قوم کي هدايت نه

الظّٰلِمِيْنَ ﴿٧﴾ يُرِيْدُوْنَ لِيُطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ ط وَاللّٰهُ مُتِمُّ

ڏيندو آهي ﴿٧﴾ (ڪافر) گهرن ٿا ته الله جي نور کي پنهنجين ڦوڪن سان وسائين ۽ الله پنهنجي نور کي پورو ڪندڙ

نُوْرِهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨﴾ هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَ

آهي، جيتوڻيڪ ڪافرن کي پسند نه هجي ﴿٨﴾ اهو (الله) ئي آهي، جنهن پنهنجي رسول (حضرت محمد ﷺ جن)

ع ١ دِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ﴿٩﴾ ع يٰٓاَيُّهَا

کي هدايت ۽ سچو دين ڏئي موڪليو، جيئن ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري، جيتوڻيڪ مشرڪن کي نه وڻي ﴿٩﴾

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰى تِجَارَةٍ تُنْجِيْكُمْ مِّنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿١٠﴾

اي ايمان وارو! ڇا توهان کي اهڙو واپار ٻڌايان، جيڪو توهان کي ڏکوئيندڙ عذاب کان نجات ڏي؟ ﴿١٠﴾

تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِكُمْ

الله ۽ سندس رسول (ﷺ) تي ايمان آڻيو ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين سان جهاد

وَاَنْفُسِكُمْ ط ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١١﴾ لا يَغْفِرْ لَكُمْ

ڪريو، توهان لاءِ اهو وڌيڪ چڱو (ڪم) آهي، جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا ﴿١١﴾ (الله) توهان جا گناهه معاف ڪندو

ذُنُوْبَكُمْ وَيُدْخِلْكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ وَمَسٰكِنَ

۽ توهان کي انهن جنتن ۾ داخل ڪندو، جن جي (محلات يا وڻن جي) هيٺان نهرون وهن ٿيون ۽

طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ط ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١٢﴾ لا وَاُخْرٰى تُحِبُّوْنَهَا

هميشه رهندڙ جنتن ۾، جتي سٺا گهر آهن. اها ئي وڏي ڪاميابي آهي ﴿١٢﴾ ۽ ٻي (ڪاميابي) جنهن کي توهان

نَصْرٌ مِّنَ اللّٰهِ وَفَتْحٌ قَرِيْبٌ ط وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٣﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ

پسند ڪريو ٿا، اها الله جي مدد ۽ (دنيا ۾ مڪي يا ملڪ فارس يا روم جي) ويجهي فتح (۽ آخرت ۾ جنت ۽ الله تعالىٰ جي
ملاقات ۽ سندس رضامندي) آهي ۽ ايمان وارن کي خوشخبري ڏي ﴿١٣﴾ اي ايمان وارو! الله جا مددگار

اٰمَنُوْا كُوْنُوْٓا اَنْصَارَ اللّٰهِ كَمَا قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ لِلْحَوَارِيّٖنَ

ٿيو، جيئن مريم جي پٽ عيسيٰ (عليهما السلام) حوارين کي چيو ته الله ڏانهن منهنجا مددگار ڪير آهن؟

مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ

حوارين چيو ته اسين الله (جي دين) جا مددگار آهيون. پوءِ بني اسرائيل مان هڪڙي ٽوليءَ (عيسيٰ عليه السلام تي)

فَاٰمَنَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ وَ كَفَرَتْ طَّآئِفَةٌ ۚ

ايمان آندو ۽ (انهن مان) هڪڙي ٽوليءَ (سندس) ڪفر ڪيو. پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو، انهن کي اسان سندن

فَاَيَّدْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلٰى عَدُوِّهِمْ فَاَصْبَحُوْا ظٰهِرِيْنَ ﴿١٤﴾ ع ٢

دشمن جي مقابلي ۾ تائيد ۽ طاقت بخشي، پوءِ ٿيا اهي ٿي غالب ﴿١٤﴾

(٦٢) سُوْرَةُ الْجُمُعَةِ مَدَنِيَّةٌ (١١٠)

اٰيَاتُهَا ١١ رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة الجمعة مدني آهي. هن ۾ يارهن آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ الْمَلِكِ الْقُدُّوْسِ

جيڪي شيون آسمانن ۾ ۽ جيڪي شيون زمين ۾ آهن، سڀ حقيقي بادشاهه ۽ (هر عيب کان) پاڪ (۽ هر شيءِ تي) غالب،

الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿١﴾ هُوَ الَّذِيْ بَعَثَ فِي الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ

حڪمت واري الله جي تسبيح بيان ڪن ٿيون ﴿١﴾ اهو الله ئي آهي، جنهن اڻ ڄاڻ (يعني عرب) قوم ۾ انهن مان هڪ رسول

يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَ يُزَكِّيْهِمْ وَ يُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۚ

کي موڪليو، جيڪو مٿن الله جون آيتون پڙهي ٿو ۽ کين (شرڪ کان) پاڪ ڪري ٿو ۽ کين ڪتاب ۽ حڪمت (يعني سنت)

وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۙ﴿٢﴾ وَّاٰخَرِيْنَ مِنْهُمْ لَمَّا يَلْحَقُوْا

نبوي ﷺ) سيکاري ٿو ۽ جيتوڻيڪ ان کان اڳ اهي (عرب) پڌري گمراهي ۾ هئا ﴿٢﴾ ۽ (اسان هن پيغمبر ﷺ کي سيني

بِهِمْ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٣﴾ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ

عجمي قومن ڏانهن پڻ رسول ڪري موڪليو آهي) انهن مان ٻيا (ايمان وارا اهي آهن)، جيڪي انهن (اصحابين سڳورن) سان (اڃا) نہ مليا آهن ۽ اهو (الله) ئي غالب، حڪمت وارو آهي ﴿٣﴾ اهوئي الله جو فضل آهي، جنهن کي چاهيندو آهي، عطا ڪندو آهي ۽

اللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٤﴾ مَثَلُ الَّذِيْنَ حُمِّلُوا التَّوْرٰىةَ ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوْهَا

الله وڏي فضل وارو آهي ﴿٤﴾ جن ماڻهن کي توريت کڻايو ويو، پوءِ ان کي نہ کنيائون، (يعني ان تي عمل نہ

كَمَثَلِ الْحِمَارِ يَحْمِلُ اَسْفَارًا ؕ بِئْسَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا

ڪيائون) تن جو مثال بار ڍوئيندڙ گڏهہ وانگر آهي. ڏاڍو بڇڙو مثال آهي انهن ماڻهن جو، جن الله جي آيتن کي

بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥﴾ قُلْ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ

ڪوڙو ڪيو ۽ الله ظالم قوم کي هدايت نہ ڏيندو آهي ﴿٥﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ اي يهودي سڏائيندڙو! جيڪڏهن

هَادُوْۤا اِنْ زَعَمْتُمْ اَنَّكُمْ اَوْلِيَآءُ لِلّٰهِ مِنْ دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ

ڀانيو ٿا (۽ دعويٰ ڪريو ٿا) تہ (ٻين) ماڻهن جي بجاءِ توهان ئي الله جا دوست آهيو تہ پوءِ موت جي تمنا ڪريو،

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٦﴾ وَلَا يَتَمَنَّوْنَهٗۤ اَبَدًاۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ؕ

جيڪڏهن توهين سچا آهيو ﴿٦﴾ ۽ هرگز انهن ڪرتوتن جي ڪري جيڪي سندن هٿن (آخرت لاءِ) اڳتي موڪليا

وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٧﴾ قُلْ اِنَّ الْمَوْتَ الَّذِيْ تَفِرُّوْنَ مِنْهُ فَاِنَّهٗ

آهن، اها تمنا نہ ڪندا ۽ الله ظالمن (جي حال) کي ڄاڻندڙ آهي ﴿٧﴾ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ موت جنهن کان توهان ڀڄي

مُلٰقِيْكُمْ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا

رهيا آهيو، پوءِ بيشڪ اهو توهان کي اچي پهچندو، پوءِ توهان کي ڳجهہ ۽ ظاهر کي ڄاڻندڙ (الله پاڪ) ڏانهن موٽايو

كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٨﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ

ويندو. پوءِ توهان کي توهان جي عملن جي باري ۾ خبر ڏيندو ⑧ اي ايمان وارو! جڏهن جمعي جي ڏينهن توهان کي

يَّوْمِ الْجُمُعَةِ فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ وَذَرُوا الْبَيْعَ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ

نماز لاءِ سڏيو وڃي ته الله جي ذڪر ڪرڻ (يعني خطبي کي ٻڌڻ) لاءِ (متوجه ٿيو ۽ روانا ٿيو ۽) جلدي ڪريو (هلڻ ۾ جلدي نه، پر ڪم ڪار
کي ڇڏي ڏيڻ ۽ توجه ڏيڻ ۾ جلدي ڪرڻ مراد آهي) ۽ (اذان کان پوءِ) واپار ڇڏي ڏيو. توهان جو اهو عمل توهان لاءِ چڱو آهي،

اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٩﴾ فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانْتَشِرُوْا فِى الْاَرْضِ

جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا ⑨ پوءِ جڏهن نماز پوري ڪئي وڃي ته پوءِ (جيڪڏهن چاهيو ته) زمين ۾ پکڙجي

وَابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٠﴾

وڃو ۽ الله جو فضل (يعني روزي) ڳوليو ۽ الله کي وڏ ۾ وڏ ياد ڪريو، مَنَ توهان ڪاميابي ماڻيو ⑩

وَاِذَا رَاَوْا تِجَارَةً اَوْ لَهْوَا ۨانْفَضُّوْٓا اِلَيْهَا وَتَرَكُوْكَ قَآئِمًا ؕ قُلْ مَا

۽ جڏهن واپار يا راند روند ڏٺائون ته توکي (خطبي ۾) بيٺل ڇڏي انهيءَ طرف ڇڙوڇڙ ٿي ويا. (اي محمد ﷺ!) فرماءِ

عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ مِّنَ اللَّهْوِ وَمِنَ التِّجَارَةِ ؕ وَاللّٰهُ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿١١﴾

ته جيڪي ڪجهه الله وٽ آهي، سو راند روند ۽ واپار کان وڌيڪ چڱو آهي ۽ الله ئي چڱي روزي ڏيندڙ آهي ⑪

اٰيَاتُهَا ١١ (٦٣) سُوْرَةُ الْمُنٰفِقُوْنَ مَدَنِيَّةٌ (١٠٤) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة المنافقون مدني آهي. هن ۾ يارهن آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

اِذَا جَآءَكَ الْمُنٰفِقُوْنَ قَالُوْا نَشْهَدُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُ اللّٰهِ ۘ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ

جڏهن تو وٽ منافق اچن ٿا، چون ٿا ته بيشڪ تون الله جو رسول آهين ۽ الله ڄاڻي ٿو ته بيشڪ تون الله جو رسول

اِنَّكَ لَرَسُوۡلُهٗ ؕ وَاللّٰهُ يَشۡهَدُ اِنَّ الۡمُنٰفِقِيۡنَ لَكٰذِبُوۡنَ ۚ ①

آهين ۽ الله شاهدي ڏئي ٿو تہ بيشڪ منافق ڪوڙا آهن، (يعني سندن ڪلمي جي شاهدي سچي دل سان نہ آهي.) ①

اِتَّخَذُوۡۤا اَيۡمَانَهُمۡ جُنَّةً فَصَدُّوۡا عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهُمۡ سَآءَ

انهن پنهنجي قسمن کي ڍال بڻايو آهي، پوءِ الله جي واٽ (۾ جهاد يا محمد ﷺ تي ايمان آڻڻ) کان روڪين ٿا. بيشڪ

مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ② ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ اٰمَنُوۡا ثُمَّ كَفَرُوۡا فَطُبِعَ عَلٰى

اهي ڏاڍا بڇڙا ڪم ڪن ٿا ② سندن باري ۾ ان قول جو سبب هيءُ آهي تہ (ظاهر ۾) اُهي ايمان آندو، پوءِ (عقيدي جا)

قُلُوۡبِهِمۡ فَهُمۡ لَا يَفۡقَهُوۡنَ ③ وَاِذَا رَاَيۡتَهُمۡ تُعۡجِبُكَ اَجۡسَامُهُمۡ ؕ وَ

ڪافر ٿي ويا. پوءِ سندن دلين تي مهر هڻي وئي. پوءِ (قرآن ۽ ايمان کي) نٿا سمجهن ③ ۽ جڏهن ڪين ڏسين ٿو تہ تو کي

اِنۡ يَّقُوۡلُوۡا تَسۡمَعۡ لِقَوۡلِهِمۡ ؕ كَاَنَّهُمۡ خُشُبٌ مُّسَنَّدَةٌ ؕ يَحۡسَبُوۡنَ

سندن جسم عجب ۾ وجهن ٿا ۽ جيڪڏهن ڳالهائين ٿا تہ سندن ڳالهہ کي (غور سان) ٻڌين ٿو. (پر دراصل اهي ايمان

كُلَّ صَيۡحَةٍ عَلَيۡهِمۡ ؕ هُمُ الۡعَدُوُّ فَاحۡذَرۡهُمۡ ؕ قٰتَلَهُمُ اللّٰهُ ۚ اَنّٰى

۽ ڀلائيءَ کان خالي آهن) ڄڻ تہ اهي ٽيڪ ڏنل ڪاٺيون آهن (بزدليءَ جي ڪري لشڪر جي) هر اعلان کي پنهنجي خلاف

(واقع) سمجهن ٿا. اهي (مڪمل عداوت وارا) سخت دشمن آهن، پوءِ انهن کان بچو. جنهن بہ هوندا، مٿن الله جي لعنت آهي، ڪيڏانهن

يُؤۡفَكُوۡنَ ④ وَاِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ تَعَالَوۡا يَسۡتَغۡفِرۡ لَكُمۡ رَسُوۡلُ اللّٰهِ لَوَّوۡا

ڦيرايا وڃن ٿا ④ ۽ جڏهن کين چئجي ٿو تہ اچو! الله جو پيغمبر ﷺ توهان لاءِ بخشش جي دعا گهري ٿو تہ (سنوليون ڪندي

رُءُوۡسَهُمۡ وَرَاَيۡتَهُمۡ يَصُدُّوۡنَ وَهُمۡ مُّسۡتَكۡبِرُوۡنَ ⑤ سَوَآءٌ عَلَيۡهِمۡ

۽ وڏائي وچان) پنهنجن مٿن کي موڙا ڏين ٿا ۽ کين (الله جي واٽ کان) روڪيندي ڏسين ٿو ۽ اهي وڏائي ڪندڙ آهن ⑤

اَسۡتَغۡفَرۡتَ لَهُمۡ اَمۡ لَمۡ تَسۡتَغۡفِرۡ لَهُمۡ ؕ لَنۡ يَّغۡفِرَ اللّٰهُ لَهُمۡ ؕ اِنَّ

سندن لاءِ برابر آهي تہ چاهي تون انهن جي لاءِ بخشش گهرين يا انهن جي لاءِ بخشش نہ گهرين، الله هرگز کين نہ

اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ۝٦ هُمُ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ لَا تُنْفِقُوْا

بخشيندو. بيشڪ الله تعاليٰ فاسق قوم کي هدايت نه ڏيندو آهي ⑥ اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن، جن هڪ ٻئي کي

عَلٰى مَنْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ حَتّٰى يَنْفَضُّوْا ؕ وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ

چيو ته جيڪي ماڻهو (رسول الله ﷺ جن) وٽ آهن، تن تي خرچ نه ڪريو، تانجو ڇڙوڇڙ ٿي هليا وڃن ۽

وَالْاَرْضِ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَفْقَهُوْنَ ۝٧ يَقُوْلُوْنَ لَئِنْ رَّجَعْنَآ

آسمانن ۽ زمين جا خزانا الله جا آهن ۽ پر منافق نٿا سمجهن ⑦ چون ٿا ته جيڪڏهن مدينې اسين موٽياسون ته اسان

اِلَى الْمَدِيْنَةِ لَيُخْرِجَنَّ الْاَعَزُّ مِنْهَا الْاَذَلَّ ؕ وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ

مان جيڪو عزت وارو آهي، اهو ضرور اتان ذليل ماڻهن کي لوڏي ڪيدي ڇڏيندو، حالانڪ عزت الله ۽

وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٨ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ع ١ ٨ ١٤

رسول (الله ﷺ جن) ۽ ايمان وارن لاءِ آهي ۽ پر منافق نٿا ڄاڻن ⑧ اي ايمان وارو! توهان کي توهان جا مال ۽ توهان

لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ

جو اولاد الله جي ذڪر (يعني پنج وقتي نماز) کان غافل نه ڪري ۽ جيڪي ماڻهو ائين ڪندا، (يعني مال ۽ اولاد جي محبت

ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ۝٩ وَاَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ

سبب نماز کان غافل ٿيندا) ته پوءِ اهي ئي نقصان وارا آهن ⑨ ۽ خرچ ڪريو، انهيءَ مال مان جنهن جو اسان توهان کي مالڪ

قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْلَآ اَخَّرْتَنِيْٓ

ڪيو آهي، اڳ هِن کان جو توهان مان ڪنهن هڪ تي موت اچي (پوءِ) چوي ته ربّ منهنجا! مون کي ويجهي

اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ فَاَصَّدَّقَ وَاَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ۝١٠ وَلَنْ يُّؤَخِّرَ

وقت تائين ڇو مهلت نه ڏنئي ته (جيڪر) صدقو ڪريان ها ۽ صالحن مان ٿيان ها ⑩ ۽ جڏهن ڪنهن نفس جي موت جو وقت

اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا ؕ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١١﴾ ع

ايندو آهي ته الله هرگز ڪيس مهلت نه ڏيندو آهي ۽ توهان جيڪي عملَ ڪريو ٿا، تن کان الله باخبر آهي ﴿١١﴾

اٰيَاتُهَا ١٨ — (٦٤) سُوْرَةُ التَّغَابُنِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٨) — رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة التغابن مدني آهي. هن ۾ ارڙنهن آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عطا ڪندڙ، بخشڻهار آهي.

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۚ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ ز

جيڪي شيون آسمانن ۾ ۽ جيڪي شيون زمين ۾ آهن، سڀ الله جي تسبيح ڪن ٿيون. بادشاهي به سندس آهي ۽ ساراهه به سندس

وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١﴾ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ فَمِنْكُمْ كَافِرٌ وَّ

آهي ۽ اهو ئي هر شيءِ تي وس وارو آهي ﴿١﴾ اهو الله ئي آهي، جنهن توهان کي پيدا ڪيو، پوءِ توهان مان ڪو ڪافر آهي ۽ توهان

مِنْكُمْ مُّؤْمِنٌ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢﴾ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ

مان ڪو مؤمن آهي ۽ توهان جيڪي عمل ڪريو ٿا، تن کي الله ڏسندڙ آهي ﴿٢﴾ (الله ئي) آسمانن ۽ زمين کي حقّ سان پيدا ڪيو ۽

الْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ ۚ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿٣﴾

توهان کي صورتون بخشيائين، پوءِ توهان کي ڏاڍيون سهڻيون صورتون بخشيائين ۽ (سڀني) کي ان ڏانهن ئي موٽڻو آهي ﴿٣﴾

يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَيَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ ؕ

ڄاڻي ٿو جيڪي ڪجهه آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪجهه زمين ۾ آهي ۽ ڄاڻي ٿو، جيڪي ڪجهه توهان لڪائي رهيا

وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٤﴾ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

آهيو ۽ جيڪي ڪجهه توهان ظاهر ڪري رهيا آهيو ۽ الله سينن جا راز به ڄاڻڻ وارو آهي ﴿٤﴾ ڇا توهان وٽ اڳين ڪافرن

مِنْ قَبْلُ ز فَذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝٥

جي خبر نہ آئي، جن پنهنجن ڪمن جو وبال چکيو ۽ (آخرت ۾ پڻ) انهن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ⑤

ذٰلِكَ بِاَنَّهٗ كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَقَالُوْٓا اَبَشَرٌ

اهو هن ڪري آهي، جو وٽن سندن پيغمبرن چٽيون نشانيون آنديون. پوءِ چيائون تہ ڇا هڪ آدمي اسان کي سڌي واٽ

يَّهْدُوْنَنَا ز فَكَفَرُوْا وَتَوَلَّوْا وَّاسْتَغْنَى اللّٰهُ ط وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ۝٦

ڏيکاري ٿو؟ پوءِ ڪافر ٿي ويا ۽ (ايمان کان) منهن موڙيائون ۽ الله سندن پرواھ نہ ڪئي ۽ الله (سندن ايمان ۽ اطاعت کان)

زَعَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنْ لَّنْ يُّبْعَثُوْا ط قُلْ بَلٰى وَرَبِّيْ لَتُبْعَثُنَّ

بي نياز (بادشاھ ۽ پنهنجن ڪمن ۾) ساراهيل آهي ⑥ ڪافر ڀانئين ٿا تہ اهي هرگز جيئرا ڪري اٿاريا نہ ويندا.

ثُمَّ لَتُنَبَّؤُنَّ بِمَا عَمِلْتُمْ ط وَذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ۝٧ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ

(اي مُحَمَّدﷺ!) فرماءِ تہ هائو! ۽ مون کي منهنجي ربّ جو قسم آهي! توهان کي ضرور جيئرو ڪري اٿاريو ويندو، پوءِ ضرور توهان کي
خبر ڏني ويندي انهن ڪمن جي باري ۾، جيڪي توهان ڪيا آهن ۽ اها ڳالھ الله تي آسان آهي ⑦ پوءِ الله ۽ سندس پيغمبر ۽ ان نور

وَرَسُوْلِهٖ وَالنُّوْرِ الَّذِيْٓ اَنْزَلْنَا ط وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۝٨

(يعني قرآن) تي ايمان آڻيو، جيڪو اسان نازل ڪيو آهي ۽ توهان جيڪي ڪم ڪريو ٿا، الله انهن کان باخبر آهي ⑧

يَوْمَ يَجْمَعُكُمْ لِيَوْمِ الْجَمْعِ ذٰلِكَ يَوْمُ التَّغَابُنِ ط وَمَنْ يُّؤْمِنْ

(جڏهن الله) توهان کي گڏ ٿيڻ جي ڏينهن، گڏ ڪندو جيڪو ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو ڏينهن آهي (يعني ڪافر ڪفر جي

بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُّكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ

ڪري نقصان ڀوڳيندا ۽ مومن ايمان جي ڪري ڪامياب ٿيندا) ۽ جيڪو شخص الله تي ايمان آڻيندو ۽ نيڪ عمل ڪندو، تنهن

تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ط ذٰلِكَ الْفَوْزُ

کان (الله) سندس برائيون ميٽائيندو ۽ ڪس انهن جنتن ۾ داخل ڪندو، جن جي (وڻن يا محلاتن جي) هيٺان نهرون وهي

الْعَظِيْمُ ۝۹ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ

رهيون آهن، انهن ۾ سدائين رهندا ۽ اها ئي وڏي ڪاميابي آهي ۝۹ ۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيائون،

النَّارِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ۝۱۰ ع مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ ع ۱ ۱۰ ۱۵

اهي ئي جهنمي آهن، منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ۽ اها موٽڻ جي ڏادي بڇڙي جاءِ آهي ۝۱۰ (توهان کي) جيڪا بہ تڪليف

اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يُّؤْمِنْ بِاللّٰهِ يَهْدِ قَلْبَهٗ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ

پهچندي آهي، سا الله جي حڪم سان پهچندي آهي ۽ جيڪو شخص الله تي ايمان آڻيندو، (الله) سندس دل کي هدايت

شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝۱۱ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ

بخشيندو ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ۝۱۱ ۽ فرمانبرداري ڪريو الله جي ۽ فرمانبرداري ڪريو (سندس) رسول (ﷺ) جي.

فَاِنَّمَا عَلٰى رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ۝۱۲ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ وَعَلَى

پوءِ جيڪڏهن توهان پٺي ڦيرائيندا تہ بيشڪ اسان جي رسول (ﷺ) تي رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ آهي ۝۱۲ الله کان سواءِ ڪو

اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ۝۱۳ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ مِنْ

معبود (برحق) نہ آهي ۽ مؤمنن کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي ۝۱۳ اي ايمان وارو ! بيشڪ توهان جي زالن ۽ توهان جي

اَزْوَاجِكُمْ وَاَوْلَادِكُمْ عَدُوًّا لَّكُمْ فَاحْذَرُوْهُمْ ۚ وَاِنْ تَعْفُوْا وَ

اولاد مان ڪي توهان جا دشمن آهن، (جيڪي توهان کي هجرت ۽ ڀلائي جي ڪمن کان روڪين ٿا) پوءِ انهن (جو چيو نہ مڃو) کان

تَصْفَحُوْا وَتَغْفِرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝۱۴ اِنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ

بچو ۽ جيڪڏهن معافي ۽ بخشش کان ڪم وٺو تہ پوءِ بيشڪ الله بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي ۝۱۴ بيشڪ توهان جا مال ۽ توهان جو

وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ؕ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ۝۱۵ فَاتَّقُوا اللّٰهَ

اولاد آزمائش آهن (۽ مؤمن اجر عظيم لاءِ مال ۽ اولاد جي راحت کي ڇڏيندو آهي) ۽ الله وٽ وڏو اجر آهي ۝۱۵ پوءِ جيترو

مَا اسْتَطَعْتُمْ وَاسْمَعُوْا وَاَطِيْعُوْا وَاَنْفِقُوْا خَيْرًا لِّاَنْفُسِكُمْ ط

ٿي سگهي، الله کان ڊڄو ۽ ٻڌو ۽ اطاعت ڪريو ۽ (الله جي واٽ ۾) خرچ ڪريو. اهو توهان لاءِ وڌيڪ

وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٦﴾ اِنْ تُقْرِضُوا

چڱو آهي ۽ جنهن شخص کي نفس جي بخيليءَ کان بچايو ويو (۽ ڪيس خير خيرات ڏيڻ جي توفيق ملي) ته پوءِ اهي ئي ماڻهو ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارا آهن ﴿١٦﴾ جيڪڏهن توهان الله کي سهڻو قرض ڏيندا، (جنهن ۾ نه دل آزاري هجي ۽ نڪي

اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا يُّضٰعِفْهُ لَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ط وَاللّٰهُ شَكُوْرٌ

احسان جتائڻ هجي ته الله) توهان کي وڌائي ڏيندو ۽ توهان (جا گناه) بخشيندو ۽ الله نيڪي قبول ڪندڙ،

حَلِيْمٌ ﴿١٧﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٨﴾ ع

بردبار آهي ﴿١٧﴾ (اهوئي) ڳجهه ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ غالب، حڪمت وارو آهي ﴿١٨﴾

آيَاتُهَا ١٢ (٦٥) سُوْرَةُ الطَّلَاقِ مَدَنِيَّةٌ (٩٩) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة الطلاق مدني آهي. هن ۾ ٻارنهن آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو پيدا ڪندڙ، بيحد بخشڻهار آهي.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَطَلِّقُوْهُنَّ لِعِدَّتِهِنَّ وَ

اي (لائق تعظيم) نبي (ﷺ! پنهنجي امت کي فرماءِ ته) جڏهن زالن کي طلاق ڏيو ته سندن عدّت (يعني سندن پاڪ ٿيڻ

اَحْصُوا الْعِدَّةَ ج وَاتَّقُوا اللّٰهَ رَبَّكُمْ ج لَا تُخْرِجُوْهُنَّ مِنْ

وارن ڏينهن) ۾ طلاق ڏيو ۽ (رجعت، طلاق جي تعداد، رهائش ۽ خرچ جي ادائيگيءَ جي غرض سان) سندن عدّت (جي

بُيُوْتِهِنَّ وَلَا يَخْرُجْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ط

ڏينهن) کي ڳڻيندا رهو ۽ الله، پنهنجي ربّ کان ڊڄو. (عدّت ۾) کين سندن گهرن مان نه ڪڍو ۽ نڪي پاڻ نڪرن، مگر هن

وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ

حالت ۾ جو ڪا پڌري بيحيائي (يعني زنا) ڪن (ته پوءِ مٿن حد لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪين ٻاهر ڪڍڻ جائز آهي) ۽ اهي الله

نَفْسَهٗ ؕ لَا تَدْرِيْ لَعَلَّ اللّٰهَ يُحْدِثُ بَعْدَ ذٰلِكَ اَمْرًا ①

جون حدون آهن ۽ جيڪو الله جي (نهرايل طلاق وغيره جي) حدن کان لنگهندو ته بيشڪ انهيءَ پاڻ تي ظلم ڪيو. (اي طلاق ڏيندڙ شخص! تون) نٿو ڄاڻين ته شايد ان ڪان پوءِ الله (واپسيءَ واري طلاق جي ڪا صورت) پيدا ڪري ①

فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ فَارِقُوْهُنَّ

پوءِ جڏهن اهي پنهنجي عدت (جي مدت پوري ٿيڻ) کي پهچن ته ڪين سهڻي نموني روڪيو (يعني سندن حق چڱي

بِمَعْرُوْفٍ وَّاَشْهِدُوْا ذَوَيْ عَدْلٍ مِّنْكُمْ وَاَقِيْمُوا الشَّهَادَةَ

طرح ادا ڪريو) يا ڪين سهڻي نموني جدا ڪريو ۽ (زال کي ڇڏڻ يا موٽائڻ وقت) پاڻ مان ٻن انصاف پسند (آزاد مسلمانن)

لِلّٰهِ ؕ ذٰلِكُمْ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ

کي شاهد ڪريو ۽ الله (جي رضا) لاءِ شاهدي ڏيو. اها توهان مان ان کي نصيحت ڪجي ٿي، جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو (ته ڏک ۾ سک ۾ سندس ئي فرمانبرداري ڪريو) ۽ جيڪو الله کان ڊڄندو، تنهن لاءِ ضرور (الله تعاليٰ تڪليف مان آسانيءَ

وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ۙ ② وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا

جي، حرام مان حلال جي ۽ دوزخ مان جنت واري) واٽ ڪڍندو ② ۽ کيس اتان روزي ڏيندو، جتان کيس گمان به نه هوندو

يَحْتَسِبُ ؕ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَالِغُ

۽ جيڪو الله تي ڀروسو رکندو، تنهن لاءِ اهو ئي ڪافي آهي. بيشڪ الله پنهنجي ڪم کي پورو ڪندڙ آهي (يعني ڪنهن

اَمْرِهٖ ؕ قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَيْءٍ قَدْرًا ③ وَالّٰٓـِٔيْ يَئِسْنَ مِنَ

شيءِ کان عاجز ٿيندڙ نه آهي)، بيشڪ الله هر شيءِ جو وقت مقرر ڪري ڇڏيو آهي ③ ۽ توهان جون جيڪي عورتون

الْمَحِيْضِ مِنْ نِّسَآئِكُمْ اِنِ ارْتَبْتُمْ فَعِدَّتُهُنَّ ثَلٰثَةُ اَشْهُرٍ ۙ

حيض کان مايوس ٿين (جنهن جي عمر سٺ سالن تائين آهي) ته جيڪڏهن توهان کي (سندن عدّت يا حيض يا استحاضه

وَّالّٰٓـِٔيْ لَمْ يَحِضْنَ ؕ وَاُولَاتُ الْاَحْمَالِ اَجَلُهُنَّ اَنْ يَّضَعْنَ

جي باري ۾) شڪ هجي ته سندن عدت ٽي مهينا آهي (۽ جن زالن کي حيض نه اچي، تن جي عدت به ٽي مهينا آهي) ۽ حمل

حَمْلَهُنَّ ؕ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ اَمْرِهٖ يُسْرًا ④

(يعني پيٽ) وارين عورتن جي عدت ٻار ڄڻڻ آهي ۽ جيڪو شخص الله کان ڊڄندو، تنهن لاءِ (الله سڀ) ڪم آسان ڪندو ④

ذٰلِكَ اَمْرُ اللّٰهِ اَنْزَلَهٗٓ اِلَيْكُمْ ؕ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يُكَفِّرْ عَنْهُ

اهي (عدت جا احڪام) الله جا احڪام آهن، جيڪي انهيءَ توهان ڏانهن لاٿا آهن ۽ جيڪو الله کان ڊڄندو (الله) تنهن

سَيِّاٰتِهٖ وَيُعْظِمْ لَهٗٓ اَجْرًا ⑤ اَسْكِنُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ

جا گناه مِٽائيندو ۽ کيس (آخرت ۾) وڏو اجر عطا ڪندو ⑤ انهن (طلاق ڏنل عورتن) کي اتي رکو جتي پنهنجي سگهه

سَكَنْتُمْ مِّنْ وُّجْدِكُمْ وَلَا تُضَآرُّوْهُنَّ لِتُضَيِّقُوْا عَلَيْهِنَّ ؕ وَاِنْ

مطابق پاڻ رهو ٿا ۽ کين ايذاءُ نه ڏيو جو انهن تي تنگي ڪريو (ته جيئن گهرن کان ٻاهر نڪري وڃن) ۽ جيڪڏهن (طلاق

كُنَّ اُولَاتِ حَمْلٍ فَاَنْفِقُوْا عَلَيْهِنَّ حَتّٰى يَضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ۚ فَاِنْ

ڏنل عورتون) حمل سان هجن ته کين خرچ ڏيو، تان جو پنهنجو ٻار ڄڻين. پوءِ جيڪڏهن توهان لاءِ ٻار کي کير پيارين ته کين

اَرْضَعْنَ لَكُمْ فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ۚ وَاْتَمِرُوْا بَيْنَكُمْ بِمَعْرُوْفٍ ۚ

سندن اجرت ڏيو ۽ پاڻ ۾ (يعني ٻار جو پيءُ ۽ ماءُ) سهڻي نموني سان صلاح مشورو ڪريو (ته جيئن

وَاِنْ تَعَاسَرْتُمْ فَسَتُرْضِعُ لَهٗٓ اُخْرٰى ⑥ لِيُنْفِقْ ذُوْ سَعَةٍ مِّنْ

هڪ ٻئي جي مشوري کي قبول ڪريو) ۽ جيڪڏهن پاڻ ۾ تنگي محسوس ڪريو ته پوءِ سگهو ٿي انهيءَ ٻار کي ڪا ٻي عورت کير
پياريندي، (چاڪاڻ ته ٻار روزيءَ کان محروم نه رهندو) ⑥ جڳائي ته ڪشادگيءَ وارو پنهنجي ڪشادگي مان (سگهه مطابق)

سَعَتِهٖ ؕ وَمَنْ قُدِرَ عَلَيْهِ رِزْقُهٗ فَلْيُنْفِقْ مِمَّآ اٰتٰىهُ اللّٰهُ ؕ لَا

خرچ ڪري ۽ جنهن تي روزي تنگ ڪئي وئي هجي، تنهن کي گهرجي ته الله جي ڏنل مال مان (سگهه مطابق)

يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا مَآ اٰتٰهَا ؕ سَيَجْعَلُ اللّٰهُ بَعْدَ عُسْرٍ

خرچ ڪري. الله هر جيءَ کي ڏنل (طاقت مطابق) تڪليف ڏيندو آهي. سگهوئي سندس تنگي کان پوءِ الله

يُّسْرًا ⑦ وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ عَتَتْ عَنْ اَمْرِ رَبِّهَا وَرُسُلِهٖ

آساني پيدا ڪندو ⑦ ۽ ڪيترن ئي ڳوٺن وارن پنهنجي ربّ جي فرمان ۽ سندس رسولن جي فرمان کان

فَحَاسَبْنٰهَا حِسَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّعَذَّبْنٰهَا عَذَابًا نُّكْرًا ⑧

سرڪشي ڪئي، پوءِ اسان انهن کان حساب ورتو سخت حساب وٺڻ ۽ انهن کي عذاب ڏنوسون سخت عذاب ⑧

فَذَاقَتْ وَبَالَ اَمْرِهَا وَكَانَ عَاقِبَةُ اَمْرِهَا خُسْرًا ⑨ اَعَدَّ اللّٰهُ

پوءِ انهن پنهنجن ڪرتوتن جو وبال ۽ سزا چکي (۽ پڻ چکيندا) ۽ سندن ڪم جي پڇاڙي هاڃيڪار ٿي ⑨ الله

لَهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ۙ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰٓاُولِي الْاَلْبَابِ ۖۛ الَّذِيْنَ

سندن لاءِ سخت عذاب تيار ڪيو آهي، پوءِ اي عقلمندو! الله کان ڊڄو (يعني اهي عقلمند) جن ايمان آندو. بيشڪ

اٰمَنُوْا ۛ قَدْ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكُمْ ذِكْرًا ⑩ رَّسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْكُمْ

الله توهان ڏانهن ذڪر (يعني قرآن مجيد) نازل ڪيو آهي ⑩ (۽) هڪ رسول (ﷺ) کي موڪليو (آهي جيڪو)

اٰيٰتِ اللّٰهِ مُبَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

توهان تي الله جون پڌريون آيتون پڙهي ٿو، جيئن انهن کي (ڪفر ۽ نافرمانيءَ جي) اونداهين مان

مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ

ڪيدي، (ايمان ۽ اطاعت جي) نور ۾ آڻي ۽ جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيائون ۽ جيڪو شخص الله تي ايمان آڻيندو ۽

صَالِحًا يُّدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ

نيڪ عمل ڪندو، تنهن کي اهو جنتن ۾ داخل ڪندو، جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، منجهن سدائين رهندا،

فِيْهَآ اَبَدًا ؕ قَدْ اَحْسَنَ اللّٰهُ لَهٗ رِزْقًا ⑪ اَللّٰهُ الَّذِىْ

بيشڪ الله انهن لاءِ سهڻي روزي (يعني ثواب ۽ بي حساب نعمتون) تيار ڪري رکيون آهن ⑪ (اهو قدرت رکندڙ ۽

خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ وَّ مِنَ الْاَرْضِ مِثْلَهُنَّ ؕ يَتَنَزَّلُ

علم رکندڙ) الله ئي آهي، جنهن ست آسمان پيدا ڪيا ۽ زمينون به انهن (آسمانن) وانگر (ست ئي) آهن، انهن جي

الْاَمْرُ بَيْنَهُنَّ لِتَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ۙ۵

وچ ۾ الله جو حڪم نازل ٿيندو رهي ٿو، جيئن توهان ڄاڻو ته الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ۽ هيءُ ته الله هر

وَّ اَنَّ اللّٰهَ قَدْ اَحَاطَ بِكُلِّ شَىْءٍ عِلْمًا ⑫ ع ۱۸

شيءِ کي پنهنجي (قديم) علم ذريعي گهيري رکيو آهي (جل جلاله) ⑫

(۶۶) سُوْرَةُ التَّحْرِيْمِ مَدَنِيَّةٌ (۱۰۷)

اٰيَاتُهَا ۱۲ رُكُوْعَاتُهَا ۲

سورة التحريم مدني آهي. هن ۾ ٻارنهن آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

لائق تعظيم الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جنهن جي رحمت دنيا ۾ مؤمنن ۽ ڪافرن، نيڪن
۽ ظالمن سڀني لاءِ عام آهي ۽ آخرت ۾ پنهنجي ازلي عنايت سبب خاص مؤمنن تي مهربان آهي

يٰٓاَيُّهَا النَّبِىُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكَ ۚ تَبْتَغِىْ مَرْضَاتَ

اي (برحق) پيغمبر (۽ اي حبيب مطلق ﷺ!) جنهن شيءِ (يعني جاريه ٻانهيءَ يا ماکيءَ) کي الله تو لاءِ حلال ڪيو آهي، تنهن

اَزْوَاجِكَ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ① قَدْ فَرَضَ اللّٰهُ لَكُمْ تَحِلَّةَ

کي حرام ڇو ٿو ڪرين؟ (اهڙيءَ طرح) پنهنجين زالن جي رضامندي گهرين ٿو ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي ① تحقيق الله توهان
لاءِ توهان جي قسمن کي (ڪفاره ڏيڻ يا انشاءَ الله چوڻ سان) حلال ڪرڻ جو طريقو مقرر ڪيو آهي ۽ الله توهان (جي ڪمن)

اَيْمَانِكُمْ ۚ وَاللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ② وَاِذْ اَسَرَّ

جو نگران (۽ توهان کي نصيحت ڪرڻ جو وڏيڪ حقدار) آهي ۽ اهوئي ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ② ۽ جڏهن نبي

النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ حَدِيْثًا ۚ فَلَمَّا نَبَّاَتْ بِهٖ وَاَظْهَرَهُ اللّٰهُ

(ﷺ) پنهنجي هڪ گهر واري (حفصه رضہ کي ماريه رضہ جي حرمت يا شيخين رضہ جي خلافت جي باري ۾) راز جي

عَلَيْهِ عَرَّفَ بَعْضَهٗ وَاَعْرَضَ عَنْۢ بَعْضٍ ۚ فَلَمَّا نَبَّاَهَا بِهٖ

ڳالهہ ٻڌائي. پوءِ جڏهن انهيءَ (عائشه رضہ کي) اها خبر ڏني ۽ الله (پنهنجي نبي ﷺ) تي ان (راز) کي ظاهر ڪيو (تہ

قَالَتْ مَنْ اَنْۢبَاَكَ هٰذَا ؕ قَالَ نَبَّاَنِيَ الْعَلِيْمُ الْخَبِيْرُ ③ اِنْ

مصطفيٰ ﷺ حفصہ رضہ کي) توري ڳالهہ ٻڌائي ۽ توري ڳالهہ نہ ٻڌائي. انهيءَ پڇيو تہ توهان کي اها (ڳالهہ) ڪنهن ٻڌائي؟ (پاڻ
سڳورن) فرمايو تہ مون کي علم رکندڙ، خبر رکندڙ، (الله اها) خبر ڏني ③ (اي حفصه رضہ ۽ عائشه رضہ!) جيڪڏهن توهان ٻئي

تَتُوْبَاۤ اِلَى اللّٰهِ فَقَدْ صَغَتْ قُلُوْبُكُمَا ۚ وَاِنْ تَظٰهَرَا عَلَيْهِ

الله وٽ توبه ڪريو تہ (توهان لاءِ چڱو آهي)، جو توهان تي پيغمبر ﷺ جي رضا واجب آهي) بيشڪ توهان ٻنهي جون

فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ مَوْلٰىهُ وَجِبْرِيْلُ وَصَالِحُ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَ

دليون ڏنگيون ٿي ويون آهن ۽ جيڪڏهن (نسواني غيرت هيٺ) هڪ ٻئي جي مدد ڪنديون تہ پوءِ بيشڪ الله ۽ جبرئيل ۽

الْمَلٰٓئِكَةُ بَعْدَ ذٰلِكَ ظَهِيْرٌ ④ عَسٰى رَبُّهٗۤ اِنْ طَلَّقَكُنَّ اَنْ

صالح مؤمن (۽ سڀ اصحابي سڳورا) ۽ ان کان پوءِ فرشتا (سندس) مدد ڪندڙ آهن ④ شايد جيڪڏهن (پيغمبر) توهان کي

يُّبْدِلَهٗۤ اَزْوَاجًا خَيْرًا مِّنْكُنَّ مُسْلِمٰتٍ مُّؤْمِنٰتٍ قٰنِتٰتٍ

طلاق ڏئي تہ ويجهو آهي تہ سندس ربّ کيس توهان کان وڌيڪ چڱيون، مسلمان، مؤمنياڻيون، فرمانبردار، توبه ڪندڙ،

تٰٓئِبٰتٍ عٰبِدٰتٍ سٰٓئِحٰتٍ ثَيِّبٰتٍ وَّاَبْكَارًا ⑤ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ

عبادت ڪندڙ، روزا رکندڙ، رنڙ ۽ ڪنواريون (يعني متين صفتن واريون) زالون بدلائي ڏئي ⑤ اي ايمان

اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّقُوْدُهَا النَّاسُ وَ

وارو! پاڻ کي ۽ پنهنجن گهر جي ڀاتين کي انهيءَ باهہ کان بچايو، جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ (گندرف وارا)

الۡحِجَارَةُ عَلَيۡهَا مَلٰٓئِكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعۡصُوۡنَ اللّٰهَ مَآ

پٿر آهن. جنهن تي سخت دل ۽ طاقتور فرشتا مقرر آهن، الله انهن کي جيڪو حڪم ڪيو آهي،

اَمَرَهُمۡ وَيَفۡعَلُوۡنَ مَا يُؤۡمَرُوۡنَ ﴿٦﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَا

تنهن جي نافرماني نٿا ڪن ۽ جيڪو به حڪم ڪين ڪيو وڃي ٿو، ان تي عمل ڪن ٿا ﴿٦﴾ اي ڪافرو! اڄوڪي

تَعۡتَذِرُوا الۡيَوۡمَ ؕ اِنَّمَا تُجۡزَوۡنَ مَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٧﴾ يٰٓاَيُّهَا

ڏينهن معذرت نه ڪريو بيشڪ (اڄ) توهان کي اهوئي بدلو ڏنو ويندو، جيڪي ڪم توهان ڪندا هئا ﴿٧﴾ اي ايمان

الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا تُوۡبُوۡٓا اِلَى اللّٰهِ تَوۡبَةً نَّصُوۡحًا ؕ عَسٰى رَبُّكُمۡ

وارو! الله وٽ سچي ۽ صاف دل سان (سڀني گناهن کان) توبه ڪريو. شايد توهان جو ربّ توهان

اَنۡ يُّكَفِّرَ عَنۡكُمۡ سَيِّاٰتِكُمۡ وَيُدۡخِلَكُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ

جون برايون مٽائي ۽ توهان کي جنتن ۾ داخل ڪري، جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. انهيءَ

تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ ۙ يَوۡمَ لَا يُخۡزِى اللّٰهُ النَّبِىَّ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا

ڏينهن الله تعاليٰ نبي کي ۽ جن ان سان گڏ ايمان آندو آهي، تن کي خوار نه ڪندو. سندن نور سندن

مَعَهٗ ۚ نُوۡرُهُمۡ يَسۡعٰى بَيۡنَ اَيۡدِيۡهِمۡ وَبِاَيۡمَانِهِمۡ يَقُوۡلُوۡنَ

اڳيان ۽ سندن ساڄي پاسي ڊوڙندو. چوندا ته اي اسان جا ربّ! اسان لاءِ اسان جو نور پورو ڪر ۽

رَبَّنَآ اَتۡمِمۡ لَنَا نُوۡرَنَا وَاغۡفِرۡ لَنَا ۚ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿٨﴾

اسان کي معاف فرماءِ، بيشڪ تون ئي هر هڪ شيءِ تي قدرت رکڻ وارو آهين ﴿٨﴾

يٰٓاَيُّهَا النَّبِىُّ جَاهِدِ الۡكُفَّارَ وَالۡمُنٰفِقِيۡنَ وَاغۡلُظۡ عَلَيۡهِمۡ ؕ وَ

اي پيغمبر (ﷺ!) ڪافرن سان (تلورا ذريعي) ۽ منافقن (سان بحث مباحثي ذريعي) جهاد ڪر ۽ مٿن

مَاۡوٰىهُمۡ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئۡسَ الۡمَصِيۡرُ ⑨ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيۡنَ

سختي ڪر، سندن جاءِ دوزخ آهي ۽ اها موٽڻ جي ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ⑨ الله ڪافرن لاءِ نوح (عليه السلام) جي

كَفَرُوا امۡرَاَتَ نُوۡحٍ وَّامۡرَاَتَ لُوۡطٍ ؕ كَانَتَا تَحۡتَ عَبۡدَيۡنِ

زال ۽ لوط جي زال جو مثال بيان ڪري ٿو. ٻئي اسان جي صالح ٻانهن جي گهرن ۾ هيون. پوءِ ٻنهي

مِنۡ عِبَادِنَا صَالِحَيۡنِ فَخَانَتٰهُمَا فَلَمۡ يُغۡنِيَا عَنۡهُمَا

سائن (دين ۾) خيانت ڪئي (۽ ڪنهن به پيغمبر جي زال ڪڏهن زنا جي خيانت نه ڪئي) پوءِ اهي ٻئي الله

مِنَ اللّٰهِ شَيۡـًٔا وَّقِيۡلَ ادۡخُلَا النَّارَ مَعَ الدّٰخِلِيۡنَ ⑩ وَ

جي مقابلي ۾ سندن ڪجهه به ڪم نه آيا ۽ چيو ويو ته توهان ٻئي باهه ۾ داخل ٿيندڙن سان گڏجي داخل ٿيو ⑩ ۽

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيۡنَ اٰمَنُوا امۡرَاَتَ فِرۡعَوۡنَ ۘ اِذۡ قَالَتۡ

الله ايمان وارن لاءِ فرعون جي زال جو مثال بيان ڪيو آهي. جڏهن انهيءَ چيو ته ربّ منهنجا! مون

رَبِّ ابۡنِ لِىۡ عِنۡدَكَ بَيۡتًا فِى الۡجَنَّةِ وَنَجِّنِىۡ مِنۡ فِرۡعَوۡنَ

لاءِ پاڻ وٽ جنت ۾ هڪ گهر ٺاهه ۽ مون کي فرعون ۽ سندس عمل کان نجات ڏي ۽ ظالم قوم کان

وَعَمَلِهٖ وَنَجِّنِىۡ مِنَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ۙ⑪ وَمَرۡيَمَ ابۡنَتَ

مون کي نجات ڏي ⑪ ۽ عمران جي ڌيءُ مريم (عليها السلام) جو به (مثال بيان فرمائي ٿو)، جنهن

عِمۡرٰنَ الَّتِىۡۤ اَحۡصَنَتۡ فَرۡجَهَا فَنَفَخۡنَا فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِنَا

پنهنجي اُگهڙ جي حفاظت ڪئي، پوءِ اسان منجهس پنهنجو روح ڦوڪيو ۽ انهيءَ پنهنجي ربّ

وَصَدَّقَتۡ بِكَلِمٰتِ رَبِّهَا وَكُتُبِهٖ وَكَانَتۡ مِنَ الۡقٰنِتِيۡنَ ⑫ ع

جي ڳالهين ۽ سندس ڪتابن جي تصديق ڪئي ۽ اها (اسان جي) فرمانبردارن مان هئي ⑫

ايَاتُهَا ٣٠ (٦٧) سُوْرَةُ الْمُلْكِ مَكِّيَّةٌ (٧٧) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة الملک مکي آهي ۽ منجهس ٽيهه آيتون ۽ ٻه رکوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

عظيم الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو بخشش ڪندڙ ۽ خطا بخشيندڙ آهي.

تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ ز وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرُ ۙ ① الَّذِيْ

الله برڪت وارو آهي، جنهن جي هٿ ۾ بادشاهي آهي، (جنهن کي گهري ٿو، تنهن کي بادشاهي ڏئي ٿو يا جنهن

خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ط وَ هُوَ

جي هٿ ۾ مستقل بادشاهي آهي) ۽ اهو هر شيءِ تي وس وارو آهي ① جنهن موت ۽ زندگي کي پيدا ڪيو، جيئن
توهان کي (زندگيءَ ۾) آزمائي ته توهان مان ڪير سهڻا عمل ڪري ٿو (پوءِ توهان کي مرڻ کان پوءِ بدلو ڏي) ۽

الْعَزِيْزُ الْغَفُوْرُ ۙ ② الَّذِيْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ط مَا تَرٰى فِيْ

اهوئي غالب، بخشڻهار آهي ② جنهن ستن آسمانن کي هڪ ٻئي جي مٿان پيدا ڪيو. تون (اي ڏسندڙ!) رحمٰن جي پيدا ڪيل

خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ تَفٰوُتٍ ط فَارْجِعِ الْبَصَرَ ۙ هَلْ تَرٰى مِنْ فُطُوْرٍ ③

شين ۾ ڪو تفاوت (۽ ڏنگائي ۽ اختلاف) نه ڏسندين. پوءِ وري نظر ڦيرائي نهار ته ڇا (ان ۾) ڪو سوراخ ڏسين ٿو؟ ③

ثُمَّ ارْجِعِ الْبَصَرَ كَرَّتَيْنِ يَنْقَلِبْ اِلَيْكَ الْبَصَرُ خَاسِئًا وَّهُوَ

وري ٻيهر نظر ڪٽي نهار! تنهنجي نگاه تو ڏانهن (پنهنجي مطلب کان) عاجز ٿي موٽندي ۽ اها (گهڻو ڏسڻ سبب)

حَسِيْرٌ ④ وَلَقَدْ زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ وَ جَعَلْنٰهَا

ٿڪيل هوندي ④ ۽ بيشڪ اسان دنيا واري آسمان کي ڏيئن (يعني تارن) سان سينگاري ڇڏيو آهي ۽ انهن

رُجُوْمًا لِّلشَّيٰطِيْنِ وَاَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابَ السَّعِيْرِ ⑤ وَلِلَّذِيْنَ

(تارن) کي شيطانن جي چٽڻ جي لاءِ (باهه جا اُلا) بڻايو آهي (جيڪي شيطان چوريءَ آسماني خبرون ٻڌندا آهن) ۽ اسان (سندن لاءِ
انهيءَ دنياوي عذاب کان پوءِ آخرت ۾ سندن لاءِ) ساڙيندڙ باهه جو عذاب تيار ڪيو آهي ⑤ ۽ (شيطانن ۽ غير شيطانن مان) جن به

كَفَرُوۡا بِرَبِّهِمۡ عَذَابُ جَهَنَّمَ ؕ وَبِئۡسَ الۡمَصِيۡرُ ۝٦ اِذَاۤ اُلۡقُوۡا

پنهنجي ربّ جو كفر كيو، تن لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ اها موٽڻ جي ڏاڍي بڇڙي جاءِ آهي ۝٦ ۽ جڏهن كين

فِيۡهَا سَمِعُوۡا لَهَا شَهِيۡقًا وَّهِىَ تَفُوۡرُ ۝٧ تَكَادُ تَمَيَّزُ مِنَ

انهيءَ ۾ اڇلايو ويندو، اتي ان جون رڙيون ٻڌندا ۽ اها پئي پڙكا كائيندي ۝٧ ويجهو آهي ته (كافرن تي) كاوڙ وچان

الۡغَيۡظِ ؕ كُلَّمَاۤ اُلۡقِىَ فِيۡهَا فَوۡجٌ سَاَلَهُمۡ خَزَنَتُهَاۤ اَلَمۡ يَاۡتِكُمۡ

ڦاٽي پوي. جڏهن به منجهس هك فوج اڇلائبي، انهن كان سندس داروغا پڇندا ته چا (دنيا ۾) توهان وٽ

نَذِيۡرٌ ۝٨ قَالُوۡا بَلٰى قَدۡ جَآءَنَا نَذِيۡرٌ ۙ فَكَذَّبۡنَا وَقُلۡنَا مَا

كو ڊيڄاريندڙ نه آيو هو؟ ۝٨ چوندا ته هائو! بيشك اسان وٽ ڊيڄاريندڙ آيو، پوءِ اسان (ان كي) كوڙو كيو ۽

نَزَّلَ اللّٰهُ مِنۡ شَىۡءٍ ۖۚ اِنۡ اَنۡتُمۡ اِلَّا فِىۡ ضَلٰلٍ كَبِيۡرٍ ۝٩ وَقَالُوۡا

چيوسون ته الله كا شيءِ نازل نه كئي آهي توهان وڏي گمراهي ۾ آهيو ۝٩ ۽ چوندا ته جيكڏهن

لَوۡ كُنَّا نَسۡمَعُ اَوۡ نَعۡقِلُ مَا كُنَّا فِىۡۤ اَصۡحٰبِ السَّعِيۡرِ ۝١٠ فَاعۡتَرَفُوۡا

(دنيا ۾ پيغمبرن جي ڳالهه) ٻڌون ها يا عقل كان كم وٺون ها ته (اڄ) اسان دوزخين مان نه ٿيون ها ۝١٠ پوءِ پنهنجن

بِذَنۡۢبِهِمۡ ۚ فَسُحۡقًا لِّاَصۡحٰبِ السَّعِيۡرِ ۝١١ اِنَّ الَّذِيۡنَ يَخۡشَوۡنَ

گناهن جو اقرار كندا، پوءِ دوزخين جي لاءِ (الله جي رحمت كان) دوري آهي ۝١١ بيشك جيكي (ماڻهو)

رَبَّهُمۡ بِالۡغَيۡبِ لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّاَجۡرٌ كَبِيۡرٌ ۝١٢ وَاَسِرُّوۡا قَوۡلَكُمۡ اَوِ

پنهنجي اڻ ڏٺي ربّ كان ڊڄن ٿا، تن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي ۝١٢ ۽ (اي مشركو!) توهان پنهنجي ڳالهه كي لكايو يا

اجۡهَرُوۡا بِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيۡمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ ۝١٣ اَلَا يَعۡلَمُ مَنۡ خَلَقَ ؕ

ظاهر كريو (الله لاءِ برابر آهي) اهو ته سينن جا راز (به) ڄاڻندڙ آهي ۝١٣ ڇا جنهن پيدا كيو، سو (سينن جا راز) نه ڄاڻندو،

وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ﴿١٤﴾ هُوَ الَّذِىْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ ذَلُوْلًا

حالانڪ اهو نندي ڪان ننڍي شيءِ جي به خبر رکندڙ آهي ﴿١٤﴾ اهو (الله) ئي آهي، جنهن توهان لاءِ زمين کي تابع ڪيو.

فَامْشُوْا فِىْ مَنَاكِبِهَا وَكُلُوْا مِنْ رِّزْقِهٖ ؕ وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ ﴿١٥﴾ ءَاَمِنْتُمْ

پوءِ ان جي رستن ۾ هلو ۽ سندس روزي مان کائو ۽ (توهان سيني کي حساب لاءِ) ان ڏانهن ئي موٽڻو آهي ﴿١٥﴾ ڇا توهان

مَّنْ فِى السَّمَآءِ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمُ الْاَرْضَ فَاِذَا هِىَ تَمُوْرُ ﴿١٦﴾ اَمْ

آسمان واري (الله) کان بي خوف آهيو ته توهان کي زمين ۾ غرق ڪري ڇڏي ۽ پوءِ اوچتي اها ڌڏڻ لڳي؟ ﴿١٦﴾ يا توهان

اَمِنْتُمْ مَّنْ فِى السَّمَآءِ اَنْ يُّرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ؕ فَسَتَعْلَمُوْنَ

آسمان واري (الله بادشاه) کان بي خوف آهيو ته توهان تي پٿرن جو مينهن وسائي پوءِ جلد توهان کي معلوم ٿيندو ته

كَيْفَ نَذِيْرِ ﴿١٧﴾ وَلَقَدْ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿١٨﴾

منهنجو ڊيڄارڻ ڪيئن آهي؟ ﴿١٧﴾ ۽ بيشڪ جيڪي ماڻهو (تنهنجي قوم) کان اڳ هئا، انهن به (رسولن کي) ڪوڙو ڪيو، پوءِ

اَوَلَمْ يَرَوْا اِلَى الطَّيْرِ فَوْقَهُمْ صٰٓفّٰتٍ وَّيَقْبِضْنَ ؔؕ مَا يُمْسِكُهُنَّ اِلَّا

منهنجو عذاب (يا منهنجي انڪار جو هلاڪ ڪندڙ نتيجو) ڪيئن هو ﴿١٨﴾ يا پنهنجي مٿان پکين کي نٿا ڏسن، جيڪي
پرَن کي کولي ۽ بند ڪري اڏامن ٿا. الله ئي انهن کي روڪي ٿو (جيڪو پنهنجي ڪامل قدرت سان دنيا ۽ دنيا

الرَّحْمٰنُ ؕ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَىْءٍۭ بَصِيْرٌ ﴿١٩﴾ اَمَّنْ هٰذَا الَّذِىْ هُوَ جُنْدٌ

وارن کي هلائي ٿو) بيشڪ اهو هر شيءِ کي ڏسندڙ آهي ﴿١٩﴾ يا توهان جو ڪو لشڪر آهي، جيڪو الله کان سواءِ

لَّكُمْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْ دُوْنِ الرَّحْمٰنِ ؕ اِنِ الْكٰفِرُوْنَ اِلَّا فِىْ غُرُوْرٍ ﴿٢٠﴾ ۚ

توهان جي مدد ڪندو، (يا توهان کي سندس عذاب کان بچائيندو؟) ڪافر ته رڳو دوکي ۽ فريب ۾ آهن ﴿٢٠﴾

اَمَّنْ هٰذَا الَّذِىْ يَرْزُقُكُمْ اِنْ اَمْسَكَ رِزْقَهٗ ۚ بَلْ لَّجُّوْا فِىْ

يا (توهان جو ڪو مالڪ آهي جو) جيڪڏهن (الله) پنهنجو رزق روڪي ته اهو توهان کي رزق ڏيندو؟ بلڪ (ڪافر) پنهنجي

وقف لازم اتفاق / وقف منزل

عُتُوٍّ وَّنُفُوْرٍ ﴿٢١﴾ اَفَمَنْ يَّمْشِيْ مُكِبًّا عَلٰى وَجْهِهٖٓ اَهْدٰٓى اَمَّنْ

سرڪشي ۾ (حق کان) نفرت ۾ آهن ﴿٢١﴾ ڇا پوءِ جيڪو شخص (قيامت جي ڏينهن) پنهنجي منهن پر اونڌو ٿي هلندو، اهو

يَّمْشِيْ سَوِيًّا عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٢٢﴾ قُلْ هُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَكُمْ وَ

وڌيڪ هدايت تي آهي، يا جيڪو سڌي واٽ تي سنئون ٿي هلي؟ ﴿٢٢﴾ (اي محمّد ﷺ!) فرماءِ ته اهو الله ئي آهي، جنهن

جَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿٢٣﴾

توهان کي پيدا ڪيو ۽ توهان جي لاءِ ڪَنَ ۽ اکيون ۽ دليون پيدا ڪيائين. توهان گهٽ ڪو شڪر ڪريو ٿا ﴿٢٣﴾

قُلْ هُوَ الَّذِيْ ذَرَاَكُمْ فِي الْاَرْضِ وَاِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٤﴾ وَ

(اي محمّد ﷺ!) فرماءِ ته اهو الله ئي آهي، جنهن توهان کي زمين ۾ پکيڙيو ۽ ان ڏانهن توهان کي گڏ ڪيو ويندو ﴿٢٤﴾ ۽

يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٥﴾ قُلْ

(ڪافر) چون ٿا ته (اي مؤمنو!) هيءُ وعدو ڪڏهن پورو ٿيندو، جيڪڏهن توهان سچا آهيو ﴿٢٥﴾ (اي محمّد ﷺ!) فرماءِ

اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۪ وَاِنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٢٦﴾ فَلَمَّا رَاَوْهُ

ته ان جو علم رڳو الله وٽ آهي ۽ آءٌ ته رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان ﴿٢٦﴾ پوءِ جڏهن انهيءَ (قيامت) کي

زُلْفَةً سِيْٓـَٔتْ وُجُوْهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَقِيْلَ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ

ويجهو ڏسندا ته ڪافرن جا منهن ڪارا ٿي ويندا ۽ (کين) چيو ويندو ته هي آهي اهو (عذاب)، جنهن جو

بِهٖ تَدَّعُوْنَ ﴿٢٧﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَهْلَكَنِيَ اللّٰهُ وَمَنْ مَّعِيَ اَوْ

توهان مطالبو ڪندا هئا ﴿٢٧﴾ (اي محمّد ﷺ!) فرماءِ ته (مون کي) ٻڌايو ته جيڪڏهن (ايمان آڻڻ جي باوجود) الله مون

رَحِمَنَا ۙ فَمَنْ يُّجِيْرُ الْكٰفِرِيْنَ مِنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٢٨﴾ قُلْ هُوَ

کي ۽ جيڪي مون سان گڏ آهن، تن کي هلاڪ ڪري، يا اسان تي رحم فرمائي ته پوءِ ڪافرن کي (سندن ڪفر جي
باوجود) ڏکوئيندڙ عذاب کان ڪير بچائيندو؟ ﴿٢٨﴾ (اي رسولن جا سردار ﷺ!) فرماءِ ته اهو (الله) ئي برحق (مولي) آهي،

الرَّحْمٰنُ اٰمَنَّا بِهٖ وَعَلَيْهِ تَوَكَّلْنَا ۚ فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ هُوَ فِيْ ضَلٰلٍ

جنهن تي اسان ايمان آندو ۽ متس ئي ڀروسو ڪيوسون، پوءِ سگهوئي توهان ڄاڻندا ته ڪير پڌري گمراهيءَ ۾

مُّبِيْنٍ ﴿٢٩﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَصْبَحَ مَآؤُكُمْ غَوْرًا فَمَنْ يَّاْتِيْكُمْ

آهي ﴿٢٩﴾ (اي رسولن جا سردار ﷺ!) فرماءِ ته ٻڌايو ته جيڪڏهن توهان جو پاڻي سڪي وڃي ته توهان وٽ

بِمَآءٍ مَّعِيْنٍ ﴿٣٠﴾ ع

(منو ۽) صاف پاڻي ڪير آڻيندو؟ ﴿٣٠﴾

اٰيَاتُهَا ٥٢ (٦٨) سُوْرَةُ الْقَلَمِ مَكِّيَّةٌ (٢) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة القلم مڪي آهي. هن ۾ ٻاونجاهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عزت ۽ عظمت جي لائق، روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

نٓ وَالْقَلَمِ وَمَا يَسْطُرُوْنَ ﴿١﴾ مَآ اَنْتَ بِنِعْمَةِ رَبِّكَ بِمَجْنُوْنٍ ﴿٢﴾

نٓ، جنهن مڇي جي پٺيءَ تي زمين آهي، يا دوات، يا لوح محفوظ، يا پنج سو سالن جي مفاصلي جي ڊگهي قلم ۽ فرشتن جي لکڻ جو قسم ﴿١﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) تون پنهنجي ربّ جي نعمت (نبوت ۽ هدايت) سبب چريو نه آهين ﴿٢﴾

وَاِنَّ لَكَ لَاَجْرًا غَيْرَ مَمْنُوْنٍ ﴿٣﴾ وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ﴿٤﴾

۽ (ڪافرن جي ايذاءَ تي صبر سبب) بيشڪ تولاءِ اڻ کٽ اجر آهي ﴿٣﴾ ۽ بيشڪ تون (قرآن جي تعليم مطابق) عظيم اخلاق

فَسَتُبْصِرُ وَيُبْصِرُوْنَ ﴿٥﴾ بِاَيِّكُمُ الْمَفْتُوْنُ ﴿٦﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ

وارو آهين ﴿٤﴾ پوءِ (اي رسولن جا سردار!) جلد ڄاڻندين ۽ مشرڪ به ڄاڻندا ﴿٥﴾ ته توهان مان ڪير چريو آهي (تون يا اهي؟) ﴿٦﴾

اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۪ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿٧﴾ فَلَا

بيشڪ تنهنجو ربّ ڄاڻي ٿو ته ڪير سندس واٽ کان گمراهه آهي ۽ اهو ئي هدايت وارن کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو ﴿٧﴾ پوءِ ڪوڙن

تُطِعِ الْمُكَذِّبِیْنَ ⑧ وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ فَیُدْهِنُوْنَ ⑨ وَلَا تُطِعْ

جي تابعداري نہ ڪر ⑧ چاهين ٿا تہ جيڪر تون نرمي ڪرين تہ اهي بہ نرمي ڪن ⑨ ۽ ڪنهن بہ گهڻا قسم ڪڻندڙ،

كُلَّ حَلَّافٍ مَّهِیْنٍ ⑩ هَمَّازٍ مَّشَّآءٍۭ بِنَمِیْمٍ ⑪ مَّنَّاعٍ لِّلْخَیْرِ

ذليل شخص جو چيو نہ مڃ ⑩ عيب ڪيندڙ، طعنا هڻندڙ، بَڪ بَڪ ڪندڙ ۽ چغلخور جو ⑪ (ڀلائي ڪندڙن ڪي) ڀلائي

مُعْتَدٍ اَثِیْمٍ ⑫ عُتُلٍّۭ بَعْدَ ذٰلِكَ زَنِیْمٍ ⑬ اَنْ كَانَ ذَا مَالٍ

(يعني دين اسلام) کان روڪيندڙ، (ظلم ۾) حد کان لنگهندڙ، گنهگار جو ⑫ سرڪش جو، ان کان بعد اهو زنا جو اولاد (يا ذارئي
قوم يا ذارئي پيءُ ڏانهن نسبت رکندڙ) بہ آهي ⑬ (هن ڪري) جو اهو (عيبدار شخص گهڻي) مال ۽ اولاد وارو آهي ⑭

وَّبَنِیْنَ ⑭ اِذَا تُتْلٰى عَلَیْهِ اٰیٰتُنَا قَالَ اَسَاطِیْرُ الْاَوَّلِیْنَ ⑮

جڏهن منس اسان جون (روشن) آيتون پڙهبيون (۽ معجزا بيان ٿيندا) آهن تہ چوندو آهي تہ اڳين ماڻهن جون آکاڻيون آهن ⑮

سَنَسِمُهٗ عَلَى الْخُرْطُوْمِ ⑯ اِنَّا بَلَوْنٰهُمْ كَمَا بَلَوْنَآ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ

سگهوئي سندس (ناپاڪ) سُونڊ (يعني نڪَ تي) ڏنڀ ڏينداسون جيڪو جسم جو سڀ کان وڏي شان وارو عضوو آهي) ⑯ بيشڪ اسان

اِذْ اَقْسَمُوْا لَیَصْرِمُنَّهَا مُصْبِحِیْنَ ⑰ وَلَا یَسْتَثْنُوْنَ ⑱ فَطَافَ

(مڪي وارن) کي آزمايو، جيئن (يمن جي مسلمان) باغائين کي (زڪوٰة ۽ صدقه جي باري ۾) آزمايوسون. جڏهن انهن قسم کنيو تہ
صبح سوير باغ جا ميوا پٽينداسون (جيئن کو فقير ۽ سوالي نہ اچي) ⑰ ۽ اِن شاءَ الله بہ نہ چيائون ⑱ پوءِ ان باغ تي (راتورات) تنهنجي

عَلَیْهَا طَآئِفٌ مِّنْ رَّبِّكَ وَهُمْ نَآئِمُوْنَ ⑲ فَاَصْبَحَتْ كَالصَّرِیْمِ ⑳

ربّ جي طرفان هڪڙي آفت لٿي ۽ اهي ستل هئا ⑲ پوءِ اهو (باغ سندن نيت جي شامت سبب) لٽيل ۽ ڀيلايل پوک وانگر

فَتَنَادَوْا مُصْبِحِیْنَ ㉑ اَنِ اغْدُوْا عَلٰى حَرْثِكُمْ اِنْ كُنْتُمْ

ٿي پيو ⑳ پوءِ صبح سوير هڪ ٻئي کي سڏ ڪيائون ㉑ تہ جيڪڏهن توهان کي باغ جا ميوا پٽڻا آهن تہ صبح

صٰرِمِیْنَ ㉒ فَانْطَلَقُوْا وَهُمْ یَتَخَافَتُوْنَ ㉓ اَنْ لَّا یَدْخُلَنَّهَا

سوير پنهنجي ٻنيءَ ۾ پهچو ㉒ پوءِ هليا ۽ هڪ ٻئي کي آهستي چئي رهيا هئا ㉓ تہ اڄ هرگز توهان وٽ باغ ۾ ڪو

اَلْيَوْمَ عَلَيْكُمْ مِّسْكِيْنٌ ﴿٢٤﴾ وَّغَدَوْا عَلٰى حَرْدٍ قٰدِرِيْنَ ﴿٢٥﴾

مسڪين (۽ فقير) داخل نہ ٿئي ﴿٢٤﴾ ۽ ڪوشش ڪري صبح سوير پهتا (چڙ تہ پنهنجي باغ تي) وس وارا آهن ﴿٢٥﴾

فَلَمَّا رَاَوْهَا قَالُوْٓا اِنَّا لَضَآلُّوْنَ ﴿٢٦﴾ بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿٢٧﴾ قَالَ

پوءِ جڏهن ان کي (رک جو ڍير ۽ ڪاريهر وارا ڪک) ڏٺائون، چيائون تہ (هيءُ اسان جو باغ نہ آهي.) بيشڪ اسين رستو
ڀلجي چڪا آهيون ﴿٢٦﴾ (غورسان ڏسڻ تي ڄاڻ ٿين تہ باغ تہ ساڳيو ئي آهي. چوڻ لڳا تہ) بلڪ اسين (پنهنجي نيت جي

اَوْسَطُهُمْ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ لَوْلَا تُسَبِّحُوْنَ ﴿٢٨﴾ قَالُوْا سُبْحٰنَ رَبِّنَآ

شامت سبب) ٻي نصيب ٿي چڪا آهيون ﴿٢٧﴾ سندن چڱي مڙس چيو تہ ڇا مون توهان کي چيو نہ هو تہ (الله جل جلاله جي
ذڪر کي ياد ڪري) سندس پاڪائي ڇو نٿا بيان ڪريو؟ ﴿٢٨﴾ چيائون تہ اسان جو ربّ (ظلم ڪرڻ کان) پاڪ آهي، بيشڪ اسين

اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٢٩﴾ فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَلَاوَمُوْنَ ﴿٣٠﴾ قَالُوْا

پاڻ ظالم آهيون ﴿٢٩﴾ (باغ برباد ٿيڻ کان) پوءِ هڪ ٻئي جي سامهون ٿي پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳا ﴿٣٠﴾ چيائون تہ هاءِ اسان

يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا طٰغِيْنَ ﴿٣١﴾ عَسٰى رَبُّنَآ اَنْ يُّبْدِلَنَا خَيْرًا مِّنْهَآ

تي افسوس! بيشڪ اسين حد کان لنگهندڙ آهيون (پوءِ توبہ ڪيائون ۽ نيڪ نيتي سان چيائون تہ) ﴿٣١﴾ ويجهو آهي تہ

اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا رٰغِبُوْنَ ﴿٣٢﴾ كَذٰلِكَ الْعَذَابُ ؕ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ

اسان جو ربّ ان جي بدلي ۾ اسان کي ان کان چڱو باغ ڏي، بيشڪ اسين پنهنجي ربّ ڏانهن رجوع ڪندڙ آهيون (پوءِ ڪين سندن توبہ ۽
نيت جي سچائيءَ سبب اڳي کان چڱو باغ ڏنو ويو) ﴿٣٢﴾ (دنيا ۾ الله جو) عذاب ائين هوندو آهي ۽ بيشڪ (جيڪي ماڻهو الله جا حقّ ادا نٿا

اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾ ع اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتِ

وقف لازم ٣ ٤٣ ع

ڪن ۽ حيلي بازي کان ڪم وٺن ٿا، تن لاءِ) آخرت جو وڏو عذاب آهي، جيڪڏهن (ماڻهو ظلم ۽ نافرمانيءَ جو بڇڙو نتيجو)

النَّعِيْمِ ﴿٣٤﴾ اَفَنَجْعَلُ الْمُسْلِمِيْنَ كَالْمُجْرِمِيْنَ ﴿٣٥﴾ مَا لَكُمْ وقفة

ڄاڻن (تہ يقيناً اسان جي مخالفت نہ ڪن ها.) ﴿٣٣﴾ بيشڪ پرهيزگارن لاءِ سندن ربّ وٽ نعمتن وارا باغ آهن ﴿٣٤﴾ ڇا پوءِ اسين (جيڪي انصاف
ڪندڙ آهيون) فرمانبردارن کي ڏوهارين وانگر ڪنداسون؟ ﴿٣٥﴾ توهان کي ڇا ٿيو آهي؟ ڪيئن ٿا فيصلو ڪريو (تہ آخرت آئي بہ

كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٦﴾ ج اَمْ لَكُمْ كِتٰبٌ فِيْهِ تَدْرُسُوْنَ ﴿٣٧﴾ اِنَّ لَكُمْ فِيْهِ

تہ بہ اسين ڪافر انهن مسلمانن کان چڱا هونداسون) ﴿٣٦﴾ يا توهان وٽ ڪو (آسماني) ڪتاب آهي، جنهن ۾ توهان پڙهي

لَمَا تَخَيَّرُوْنَ ﴿٣٨﴾ ج اَمْ لَكُمْ اَيْمَانٌ عَلَيْنَا بَالِغَةٌ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۙ

رهيا آهيو ﴿٣٧﴾ تہ بيشڪ جيڪا شيءِ توهان کي پسند ايندي، اها ضرور توهان کي حاصل ٿيندي ﴿٣٨﴾ يا اسان تي توهان
جي لاءِ قيامت جي ڏينهن تائين ڪجهہ قسم (۽ قول قرار) آهن، جيڪي ٽٽندا ئي ڪونہ تہ توهان جنهن بہ شيءِ

اِنَّ لَكُمْ لَمَا تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٩﴾ ج سَلْهُمْ اَيُّهُمْ بِذٰلِكَ زَعِيْمٌ ﴿٤٠﴾ ۚ اَمْ

جو حڪم ڪندا، سا توهان کي ضرور ملندي ﴿٣٩﴾ (اي محمد ﷺ!) انهن کان پڇ تہ انهن مان ڪير انهيءَ جو ذميوار

لَهُمْ شُرَكَآءُ ۚ فَلْيَاْتُوْا بِشُرَكَآئِهِمْ اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ ﴿٤١﴾ يَوْمَ

آهي (تہ سندن لاءِ آخرت ۾ چڱو پاڱو آهي؟) ﴿٤٠﴾ يا سندن ڪي شريڪ آهن (جن کين اها ضمانت ڏني آهي؟) پوءِ پنهنجن
پائيوارن کي آڻين، جيڪڏهن اهي (پنهنجي ڳالهہ ۾) سچا آهن ﴿٤١﴾ (ياد ڪريو اهو) ڏينهن، جڏهن سختي ظاهر ٿيندي ۽

يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ وَّيُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٤٢﴾ ۙ

(ڪافرن ۽ منافقن) کي سجدي لاءِ سڏيو ويندو پوءِ سجدو ڪري نہ سگهندا (جو سندن پنيون سخت ٿي وينديون) ﴿٤٢﴾

خَاشِعَةً اَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ؕ وَقَدْ كَانُوْا يُدْعَوْنَ اِلَى

سندن اکيون جهڪيل هونديون، کين خواري ويڙهي ويندي ۽ کين (دنيا ۾) سجدي لاءِ سڏيو ويندو هو ۽ اهي

السُّجُوْدِ وَهُمْ سٰلِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ فَذَرْنِىْ وَمَنْ يُّكَذِّبُ بِهٰذَا الْحَدِيْثِ ؕ

تندرست هوندا هئا (تہ بہ انڪار ڪندا هئا.) ﴿٤٣﴾ پوءِ ڇڏ مون کي ۽ ان شخص کي جيڪو هن ڳالهہ (يعني قرآن) کي

سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٤﴾ ۙ وَاُمْلِىْ لَهُمْ ؕ اِنَّ كَيْدِىْ

ڪوڙو ڪري ٿو. سگهوئي کين آهستي آهستي (عذاب ۾) اتان پڪڙينداس، جتان کين خبر بہ نہ پوندي، (چاڪاڻ تہ اهي
ڪفر ۽ نافرمانيءَ ۾ حد کان وڌي ويا آهن.) ﴿٤٤﴾ ۽ آءٌ کين مهلت ڏيان ٿو، بيشڪ منهنجي تدبير ڏاڍي

مَتِيْنٌ ﴿٤٥﴾ اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ ﴿٤٦﴾ ج اَمْ

مضبوط آهي ﴿٤٥﴾ ڇا تون انهن کان (پيغام پهچائڻ تي) ڪو اجورو گهرين ٿو، پوءِ مٿن چٽيءَ جو ڳرو بار آهي ﴿٤٦﴾ يا وٽن

عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ ﴿٤٧﴾ ج فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَلَا تَكُنْ

غيب (يعني لوح محفوظ جو علم) آهي، پوءِ (انهن کي جيڪو حڪم ڪيو وڃي ٿو، سو) لکن ٿا ﴿٤٧﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ!)

ع ٥

كَصَاحِبِ الۡحُوۡتِ ۘ اِذۡ نَادٰی وَهُوَ مَكۡظُوۡمٌ ؕ ﴿۴۸﴾ لَوۡلَاۤ اَنۡ تَدٰرَكَهٗ

پنهنجي ربّ جي حڪم (۽ مهلت جي انتظار ۾) صبر ڪر ۽ مڇي واري (يونس عليه السلام) وانگر نه ٿيءُ، جڏهن (مڇيءَ جي پيٽ ۾ پنهنجي رب) کي پڪاريائين ۽ اهو ڏکويل هو ﴿۴۸﴾ جيڪڏهن متس سندس ربّ جي نعمت نه هجي ها، (جو ڪيس توبه جي

نِعۡمَةٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ لَنُبِذَ بِالۡعَرَآءِ وَهُوَ مَذۡمُوۡمٌ ﴿۴۹﴾ فَاجۡتَبٰهُ رَبُّهٗ

توفيق ڏنائين) ته يقينًا ڪيس رڻ پٽ ۾ اڇلائجي ها ۽ اهو خراب حالت ۾ هجي ها ﴿۴۹﴾ پوءِ سندس ربّ (سندس توبه قبول ڪئي

فَجَعَلَهٗ مِنَ الصّٰلِحِيۡنَ ﴿۵۰﴾ وَاِنۡ يَّكَادُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَيُزۡلِقُوۡنَكَ

۽) ڪيس چونڊيائين، پوءِ ڪيس نيڪن مان ڪيائين ﴿۵۰﴾ ۽ جڏهن ڪافر نصيحت (يعني قرآن) کي ٻڌندا آهن ته ويجهو هوندو

بِاَبۡصَارِهِمۡ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكۡرَ وَيَقُوۡلُوۡنَ اِنَّهٗ لَمَجۡنُوۡنٌ ﴿۵۱﴾ وَ

آهي ته پنهنجين تيز نگاهن سان توکي تيڙي ڇڏين (يا سخت دشمنيءَ وچان توکي هلاڪ ڪن) ۽ چوندا آهن ته بيشڪ

مَا هُوَ اِلَّا ذِكۡرٌ لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۵۲﴾ ع

اهو شخص ڪوچريو آهي ﴿۵۱﴾ ۽ اهو (قرآن) رڳو جهانن وارن لاءِ هڪ نصيحت آهي ﴿۵۲﴾

(۶۹) سُوۡرَةُ الۡحَآقَّةِ مَكِّيَّةٌ (۷۸)

اٰيَاتُهَا ۵۲ — رُكُوۡعَاتُهَا ۲

سورة الحاقة مڪي آهي، هن ۾ ٻاونجاهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو ٻيحد ٻاجهارو (بادشاهه) ۽ بنده نواز آهي.

اَلۡحَآقَّةُ ﴿۱﴾ مَا الۡحَآقَّةُ ﴿۲﴾ وَمَاۤ اَدۡرٰىكَ مَا الۡحَآقَّةُ ﴿۳﴾ كَذَّبَتۡ ثَمُوۡدُ

قيامت ﴿۱﴾ ڪيڏي نه عظيم شيءِ آهي قيامت ﴿۲﴾ ۽ توکي ڪهڙي خبر ته قيامت ڪيتري (هاڃيڪار) شيءِ آهي؟ ﴿۳﴾ (صالح

وَعَادٌ بِالۡقَارِعَةِ ﴿۴﴾ فَاَمَّا ثَمُوۡدُ فَاُهۡلِكُوۡا بِالطَّاغِيَةِ ﴿۵﴾ وَاَمَّا عَادٌ

عليه السلام جي قوم) ثمود ۽ (هود عليه السلام جي قوم) عاد وارن قيامت کي ڪوڙو ڪيو ﴿۴﴾ پوءِ باقي رهي (صالح عليه السلام

فَأُهْلِكُوْا بِرِيْحٍ صَرْصَرٍ عَاتِيَةٍ ٦ سَخَّرَهَا عَلَيْهِمْ سَبْعَ لَيَالٍ وَّ

جي قوم) ثمود تہ انھن کي ھڪ زبردست رڙ جي ذريعي ھلاڪ ڪيو ويو ⑤ ۽ باقي رھي (ھود عليه السلام جي قوم) عاد تہ
انھن کي زوردار طوفاني ھوا جي ذريعي ھلاڪ ڪيو ويو ⑥ (الله تعالىٰ) لڳاتار ست راتيون ۽ اٺ ڏينھن انھن جي مٿان

ثَمٰنِيَةَ أَيَّامٍ حُسُوْمًا فَتَرَى الْقَوْمَ فِيْهَا صَرْعٰى كَأَنَّهُمْ أَعْجَازُ

طوفاني ھوا مسلط ڪري ڇڏي. پوءِ تون انھن ماڻھن کي ڪجين جي ڍُٽن (ٽڙن ۽ ڪِريل) وڻن وانگر پيل

نَخْلٍ خَاوِيَةٍ ٧ فَهَلْ تَرٰى لَهُمْ مِّنْۢ بَاقِيَةٍ ٨ وَجَآءَ فِرْعَوْنُ

ڏسين ھا ⑦ ڇا پوءِ انھن مان ڪنھن کي بہ باقي ڏسين ٿو؟ ⑧ ۽ فرعون ۽ جيڪي ماڻھو ان کان اڳ ھئا ۽ (قوم

وَمَنْ قَبْلَهٗ وَالْمُؤْتَفِكٰتُ بِالْخَاطِئَةِ ٩ فَعَصَوْا رَسُوْلَ رَبِّهِمْ

لوط عليه السلام جي) اونڌين وسندين جا گنھگار (ڪافر) آيا ⑨ پوءِ (انھن مان ھر قوم) پنھنجي ربّ جي پيغمبر جي نافرماني

فَأَخَذَهُمْ أَخْذَةً رَّابِيَةً ١٠ إِنَّا لَمَّا طَغَا الْمَآءُ حَمَلْنٰكُمْ فِي

ڪئي. پوءِ (الله تعالىٰ) کين پڪڙيو، پڪڙڻ سخت ⑩ بيشڪ جڏھن (طوفان نوح عليه السلام جو) پاڻي حد کان لنگھي

الْجَارِيَةِ ١١ لِنَجْعَلَهَا لَكُمْ تَذْكِرَةً وَّتَعِيَهَآ أُذُنٌ وَّاعِيَةٌ ١٢ فَإِذَا

ويو تہ توھان کي (نوح عليه السلام جي) ٻيڙي ۾ چاڙھيوسون ⑪ جيئن (مؤمنن جي نجات ۽ ڪافرن جي بربادي جي) انھيءَ
واقعي کي توھان لاءِ ھڪڙي يادگيري بڻايون ۽ ٻڌندڙ ڪَنَ ان کي ٻڌن (۽ دليون ياد رکن.) ⑫ پوءِ جڏھن (پھريون پيرو)

نُفِخَ فِي الصُّوْرِ نَفْخَةٌ وَّاحِدَةٌ ١٣ وَّحُمِلَتِ الْأَرْضُ وَالْجِبَالُ فَدُكَّتَا

صور ۾ ڦوڪيو ويندو، ھڪڙيءَ طرح ڦوڪڻ ⑬ ۽ (الله جي قدرت ۽ حڪم سان) زمين ۽ جبلن کي کنيو ويندو، پوءِ

دَكَّةً وَّاحِدَةً ١٤ فَيَوْمَئِذٍ وَّقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ١٥ وَانْشَقَّتِ السَّمَآءُ

انھن کي ڪُٽي برابر ڪيو ويندو ⑭ پوءِ انھيءَ ڏينھن قيامت واقع ٿيندي ⑮ ۽ آسمان ڦاٽي پوندو، پوءِ اھو

فَهِيَ يَوْمَئِذٍ وَّاهِيَةٌ ١٦ وَّالْمَلَكُ عَلٰٓى أَرْجَآئِهَا ۭ وَيَحْمِلُ عَرْشَ

انھيءَ ڏينھن ڪمزور (۽ ڍُٽو) ٿي پوندو ⑯ ۽ فرشتا آسمان جي ڪنارن تي ھوندا ۽ ان ڏينھن آٺ فرشتا تنھنجي

رَبِّكَ فَوْقَهُمْ يَوْمَىِٕذٍ ثَمٰنِيَةٌ ﴿١٧﴾ يَوْمَىِٕذٍ تُعْرَضُوْنَ لَا تَخْفٰى

ربّ جو عرش پنهنجي مٿان کڻي ايندا. (هينئر عرش عظيم کڻندڙ فرشتن جي تعداد چار آهي.) ﴿١٧﴾ ان ڏينهن توهان

مِنْكُمْ خَافِيَةٌ ﴿١٨﴾ فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ ۙ فَيَقُوْلُ هَآؤُمُ

کي (الله تعاليٰ جي سامهون) پيش ڪيو ويندو. ڪا ڳجهي ڳالهه توهان کان ڳجهي نه رهندي ﴿١٨﴾ پوءِ باقي رهيو

اقْرَءُوْا كِتٰبِيَهْ ﴿١٩﴾ اِنِّيْ ظَنَنْتُ اَنِّيْ مُلٰقٍ حِسَابِيَهْ ﴿٢٠﴾ فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ

اهو شخص، جنهن کي سندس اعمالنامو سندس ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويو ته اهو چوندو ته هيءُ وٺو منهنجو اعمالنامو، ان کي
پڙهو ﴿١٩﴾ بيشڪ مون کي يقين هو ته منهنجو حساب (ڪتاب) ٿيڻو آهي ﴿٢٠﴾ پوءِ اهو رضا خوشيءَ واري زندگي

رَّاضِيَةٍ ﴿٢١﴾ فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ﴿٢٢﴾ قُطُوْفُهَا دَانِيَةٌ ﴿٢٣﴾ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا

گذاريندو ﴿٢١﴾ جنتن جي مٿانهين ماڙين ۾ هوندو ﴿٢٢﴾ جنهن جا ميوا (سندس لاءِ هر هنڌ ۽ هر وقت) حاضر هوندا ﴿٢٣﴾

هَنِيْٓـًٔا بِمَآ اَسْلَفْتُمْ فِي الْاَيَّامِ الْخَالِيَةِ ﴿٢٤﴾ وَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ

(چيو ويندو ته) مزي سان کائو ۽ پيئو، انهن عملن جي نتيجي ۾ جيڪي توهان (دنيا جي) گذريل زندگي ۾ (آخرت
جي لاءِ) اڳتي موڪليا آهن ﴿٢٤﴾ ۽ باقي رهيو اهو شخص جنهن کي سندس اعمالنامو، سندس کاٻي هٿ ۾

كِتٰبَهٗ بِشِمَالِهٖ ۙ فَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُوْتَ كِتٰبِيَهْ ﴿٢٥﴾ وَلَمْ اَدْرِ

ڏنو ويو ته اهو چوندو ته جيڪر مون کي منهنجو اعمالنامو نه ڏنو وڃي ها ﴿٢٥﴾ ۽ نه ئي آءٌ ڄاڻان ها ته حساب

مَا حِسَابِيَهْ ﴿٢٦﴾ يٰلَيْتَهَا كَانَتِ الْقَاضِيَةَ ﴿٢٧﴾ مَآ اَغْنٰى عَنِّيْ

ڇا آهي؟ ﴿٢٦﴾ جيڪر اهو (دنيا جو موت) مون کي (هميشه جي لاءِ) ختم ڪري ڇڏي ها ﴿٢٧﴾ (اڄ) مون کي

مَالِيَهْ ﴿٢٨﴾ هَلَكَ عَنِّيْ سُلْطٰنِيَهْ ﴿٢٩﴾ خُذُوْهُ فَغُلُّوْهُ ﴿٣٠﴾ ثُمَّ الْجَحِيْمَ

منهنجو مال متاع (الله جي عذاب کان) بچائي نه سگهيو ﴿٢٨﴾ مون کان منهنجي بادشاهي به ڇڻ ٿي وئي ﴿٢٩﴾ (الله
تعاليٰ دوزخ جي داروغن کي حڪم فرمائيندو ته) ڪيس پڪڙيو، پوءِ ٻڇيءَ ۾ ڳٽ وجهوس ﴿٣٠﴾ پوءِ ڀڙڪندڙ جهنم

صَلُّوْهُ ﴿٣١﴾ ثُمَّ فِيْ سِلْسِلَةٍ ذَرْعُهَا سَبْعُوْنَ ذِرَاعًا فَاسْلُكُوْهُ ﴿٣٢﴾

۾ اڇلايوس ﴿٣١﴾ پوءِ ستر هٿ ڊگهي زنجير ۾ ٻڌي (سندس ڏبر مان وجهي منهن مان ڪڍي ٻڌوس، الله جي پناه!) ﴿٣٢﴾

اِنَّهٗ كَانَ لَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ الْعَظِيْمِ ﴿۳۳﴾ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ

بيشڪ (اهو عذاب هن ڪري آهي ته) اهو شخص عظيم الله تي ايمان نه رکندو هو ﴿۳۳﴾ ۽ نه ئي مسڪين کي کاڌو کارائڻ جي

الْمِسْكِيْنِ ﴿۳۴﴾ فَلَيْسَ لَهُ الْيَوْمَ هٰهُنَا حَمِيْمٌ ﴿۳۵﴾ وَّلَا طَعَامٌ اِلَّا

رغبت ڏياريندو هو ﴿۳۴﴾ پوءِ سندس لاءِ هتي ڪو عزيز ، قريب ۽ همدرد نه آهي ﴿۳۵﴾ ۽ نه سندس لاءِ ڪو کاڌو آهي، سواءِ

مِنْ غِسْلِيْنٍ ﴿۳۶﴾ لَّا يَاْكُلُهٗۤ اِلَّا الْخَاطِـُٔوْنَ ﴿۳۷﴾ فَلَاۤ اُقْسِمُ بِمَا

دوزخين جي ڦٽن قرڙين جي پُونءِ جي ﴿۳۶﴾ جنهن کي رڳو گنهگار (۽ ڪافر ماڻهو ئي) کائيندا ﴿۳۷﴾ پوءِ مون کي قسم

تُبْصِرُوْنَ ﴿۳۸﴾ وَمَا لَا تُبْصِرُوْنَ ﴿۳۹﴾ اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ ﴿۴۰﴾

آهي انهن شين (يعني مخلوق، آخرت، جنن ۽ انسانن جي جسمن يا روحن) جو، جن کي توهين ڏسو ٿا ﴿۳۸﴾ ۽ (دنيا ۾ نظر نه
ايندڙ شين جو)، جن کي توهين نٿا ڏسو ﴿۳۹﴾ بيشڪ (قرآن جو پڙهڻ ۽ ان جو پهچائڻ) عزت واري رسول (ﷺ) جو قول آهي ﴿۴۰﴾

وَّمَا هُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ ۭ قَلِيْلًا مَّا تُؤْمِنُوْنَ ﴿۴۱﴾ وَلَا بِقَوْلِ

۽ اهو ڪنهن شاعر جو ڪلام نه آهي. توهان ٿورا ڪي ايمان آڻيو ٿا ﴿۴۱﴾ ۽ نه ئي ڪنهن پوپوءَ جو ڪلام آهي.

كَاهِنٍ ۭ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۴۲﴾ تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۳﴾

توهان ڪي ٿورا نصيحت حاصل ڪريو ٿا ﴿۴۲﴾ جهانن جي پالڻهار جي پاران نازل ڪيل آهي ﴿۴۳﴾

وَلَوْ تَقَوَّلَ عَلَيْنَا بَعْضَ الْاَقَاوِيْلِ ﴿۴۴﴾ لَاَخَذْنَا مِنْهُ بِالْيَمِيْنِ ﴿۴۵﴾

۽ جيڪڏهن (محمد ﷺ) اسان تي ڪي ڳالهيون گهڙي مڙهي ها ﴿۴۴﴾ ته يقيناً اسين ڪيس ساڄي هٿ کان پڪڙيون ها ﴿۴۵﴾

ثُمَّ لَقَطَعْنَا مِنْهُ الْوَتِيْنَ ﴿۴۶﴾ فَمَا مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ عَنْهُ

پوءِ سندس (دل جي) رڳ ڪپيون ها (۽ ڪيس ماري ڇڏيون ها) ﴿۴۶﴾ پوءِ (اي انسانو!) توهان مان ڪو ڪيس سزا ڏيڻ کان (اسان کي)

حٰجِزِيْنَ ﴿۴۷﴾ وَاِنَّهٗ لَتَذْكِرَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿۴۸﴾ وَاِنَّا لَنَعْلَمُ اَنَّ

روڪيندڙ نه هجي ها ﴿۴۷﴾ ۽ بيشڪ اهو (قرآن) پرهيزگارن لاءِ هڪ نصيحت آهي ﴿۴۸﴾ ۽ بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا ته توهان مان (ڪي)

مِنْكُمْ مُّكَذِّبِيْنَ ﴿٤٩﴾ وَاِنَّهٗ لَحَسْرَةٌ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٠﴾ وَاِنَّهٗ لَحَقُّ

ڪيس) ڪوڙو ڪندڙ آهن ﴿٤٩﴾ ۽ بيشڪ هيءُ (قرآن قيامت ۾ ڪافرن لاءِ) حسرت آهي، (جڏهن اهي ان جي مڃيندڙن جو ثواب

الْيَقِيْنِ ﴿٥١﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٥٢﴾ ع

ڏسندا) ﴿٥٠﴾ ۽ بيشڪ اهو (قرآن بلڪل) برحق (۽ بلڪل) يقيني آهي ﴿٥١﴾ پوءِ پنهنجي عظيم ربّ جي نالي جي پاڪائي بيان ڪر ﴿٥٢﴾

(٧٠) سُوْرَةُ الْمَعَارِجِ مَكِّيَّةٌ (٧٩)

اٰيَاتُهَا ٤٤ — رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة المعارج مڪي آهي. هن ۾ چوئيتاليھ آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو عظيم، غمخوار، دنيا ۾ عام مهربان ۽ آخرت ۾ خاص مهربان، غمگين دلين کي راحت رسائيندڙ ۽ پريشان جسمن کي سڪون بخشيندڙ آهي.

سَاَلَ سَآئِلٌۢ بِعَذَابٍ وَّاقِعٍ ﴿١﴾ لِّلْكٰفِرِيْنَ لَيْسَ لَهٗ دَافِعٌ ﴿٢﴾

هڪ گهرندڙ شخص (يعني نضر بن حارث) عذاب جي گهر ڪئي، جيڪو واقع ٿيڻ وارو آهي ﴿١﴾ ڪافرن تي، ان کي ڪو روڪڻ وارو نه

مِّنَ اللّٰهِ ذِى الْمَعَارِجِ ﴿٣﴾ تَعْرُجُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ اِلَيْهِ فِىْ

آهي ﴿٢﴾ (بلند) آسماني رستن واري الله جي طرفان ﴿٣﴾ ان (عرش) ڏانهن فرشتا ۽ (سندن سردار) جبريل (عليه السلام) هڪ ڏينهن ۾

يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ ﴿٤﴾ فَاصْبِرْ صَبْرًا

چڙهندا آهن، جنهن ڏينهن جو مقدار (دنياوي حساب سان) پنجاهه هزار سال آهي ﴿٤﴾ پوءِ (اي محمد ﷺ! سندن ايذائڻ تي)

جَمِيْلًا ﴿٥﴾ اِنَّهُمْ يَرَوْنَهٗ بَعِيْدًا ﴿٦﴾ وَّنَرٰىهُ قَرِيْبًا ﴿٧﴾ يَوْمَ

صبر ڪر سهڻو صبر ڪرڻ، (تانجو جهاد جو حڪم اچي) ﴿٥﴾ بيشڪ اهي ماڻهو قيامت کي پري ڏسن ٿا ﴿٦﴾ ۽ اسين ان کي ويجهو

تَكُوْنُ السَّمَآءُ كَالْمُهْلِ ﴿٨﴾ وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ ﴿٩﴾ وَلَا

ڏسي رهيا آهيون ﴿٧﴾ جنهن ڏينهن آسمان پگهريل ٽامي (يا ٽهڪندڙ تيل) وانگر ٿي پوندو ﴿٨﴾ ۽ جبل پڃيل ۽ رنگيل اُنَ وانگر ٿي

يُّسْـَٔلُ حَمِيْمٌ حَمِيْمًا (١٠) يُّبَصَّرُوْنَهُمْ ۭ يَوَدُّ الْمُجْرِمُ لَوْ يَفْتَدِيْ

پوندا (٩) ۽ ڪو جاني دوست ڪنهن جاني دوست کان (حال احوال) نہ پڇندو (١٠) (عزيز، قريب سڀ) هڪ ٻئي کي ڏسندا، (پر قيامت جي
سختيءَ سبب ڪجھ ڪُڇي ۽ پُڇي نہ سگهندا) ڏوهاري (يعني ڪافر) گهرندو تہ جيڪر ان ڏينهن جي عذاب کان ڇڙڻ لاءِ فديہ ۾

مِنْ عَذَابِ يَوْمِىِٕذٍۭ بِبَنِيْهِ (١١) وَصَاحِبَتِهٖ وَاَخِيْهِ (١٢) وَفَصِيْلَتِهِ

پيش ڪري پنهنجن پٽن کي (١١) ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجن ڀائرن کي (١٢) ۽ پنهنجي قبيلي کي، جنهن وٽ (سختين ۾

الَّتِيْ تُـْٔوِيْهِ (١٣) وَمَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۙ ثُمَّ يُنْجِيْهِ (١٤) كَلَّا ۭ

سورن ۾) پناھ وٺندو آهي (١٣) ۽ انهن سڀني کي جيڪي زمين ۾ آهن، پوءِ (عذاب کان) نجات لهي (١٤) (جيئن آرزو

اِنَّهَا لَظٰى (١٥) نَزَّاعَةً لِّلشَّوٰى (١٦) تَدْعُوْا مَنْ اَدْبَرَ وَتَوَلّٰى (١٧) وَ

ڪري ٿو، تيئن) هرگز نہ آهي (ڪيس ڪا شيءِ بچائي نہ سگهندي) اها ڀڙڪندڙ باھ آهي (١٥) کل لاهيندڙ آهي (١٦) (نالو وٺي ان شخص
کي) پاڻ ڏانهن سڏيندي، جنهن پٺي ڦيرائي ۽ (دين اسلام ۽ ان جي ارڪانن کان) منهن موڙيائين (١٧) ۽ مال گڏ ڪري ساري سنڀالي

جَمَعَ فَاَوْعٰى (١٨) اِنَّ الْاِنْسَانَ خُلِقَ هَلُوْعًا (١٩) اِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ

رکيائين (۽ زڪوٰة نہ ڏنائين) (١٨) بيشڪ انسان بي همت پيدا ڪيو ويو آهي (١٩) جڏهن ڪيس مصيبت پهچندي آهي تہ بي صبرو

جَزُوْعًا (٢٠) وَّاِذَا مَسَّهُ الْخَيْرُ مَنُوْعًا (٢١) اِلَّا الْمُصَلِّيْنَ (٢٢) الَّذِيْنَ

ٿيندو آهي (٢٠) ۽ جڏهن ڪيس ڀلائي پهچندي آهي تہ (حقدارن سان) بخيلي ڪندو آهي (٢١) سواءِ نمازين جي (٢٢) جيڪي

هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ دَاۗىِٕمُوْنَ (٢٣) وَ الَّذِيْنَ فِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ

پنهنجين نمازن تي هميشگي ڪندڙ آهن (٢٣) ۽ جن جي مالن ۾ مقرر حقّ آهي (زڪوٰة يا صدقي جو، جيڪو پاڻ خوشي سان

مَّعْلُوْمٌ (٢٤) لِّلسَّاۗىِٕلِ وَالْمَحْرُوْمِ (٢٥) وَالَّذِيْنَ يُصَدِّقُوْنَ بِيَوْمِ

ڏيندو آهي) (٢٤) گهرندڙن (۽ فقيرن کي) ۽ (سوال کان ٻچندڙ) محروم شخص کي بہ (٢٥) ۽ اهي ماڻهو جيڪي قيامت جي

الدِّيْنِ (٢٦) وَالَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ عَذَابِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ (٢٧) اِنَّ

ڏينهن کي سچو مڃين ٿا (۽ ان لاءِ تياري ڪن ٿا،) (٢٦) ۽ جيڪي پنهنجي ربّ جي عذاب کان ڊڄندڙ آهن (٢٧) بيشڪ

عذاب ربهم غير مامون ﴿٢٨﴾ والذين هم لفروجهم حفظون ﴿٢٩﴾

سندن ربّ جو عذاب (فرمانبرداري ڪرڻ جي باوجود) بي خوف ٿيڻ جهڙي شيءِ نہ آهي، (ڪٿي جو نافرمانيءَ جي باوجود ڪو شخص
الله جي عذاب کان بي خوف هجي) ﴿٢٨﴾ ۽ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجين اگهڙن جي حفاظت ڪندڙ آهن ﴿٢٩﴾ سواءِ پنهنجين

الا على ازواجهم او ما ملكت ايمانهم فانهم غير

زالن ۽ (پنهنجين ٻانهين جي)، جن جا ساڄا هٿ سندن مالڪ ٿيا آهن. پوءِ بيشڪ اهي (انهيءَ ڏس ۾) ملامت ڪيل نہ

ملومين ﴿٣٠﴾ فمن ابتغى وراء ذلك فاولئك هم العدون ﴿٣١﴾

آهن ﴿٣٠﴾ پوءِ جيڪي ماڻهو (انهيءَ بيان ڪيل طريقي) کان سواءِ (ٻيو رستو) ڳوليندا تہ اهي ئي حد کان لنگهندڙ آهن ﴿٣١﴾

والذين هم لامنتهم وعهدهم رعون ﴿٣٢﴾ والذين هم

۽ جيڪي ماڻهو پنهنجين امانتن ۽ پنهنجن وعدن جي پابندي ڪندڙ آهن ﴿٣٢﴾ ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجين شاهدين

بشهدتهم قائمون ﴿٣٣﴾ والذين هم على صلاتهم يحافظون ﴿٣٤﴾

تي قائم رهندڙ آهن ﴿٣٣﴾ ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجين نمازن (جي ارڪانن ۽ شرطن ۽ ادبن) جي حفاظت ڪندڙ آهن ﴿٣٤﴾

اولئك في جنت مكرمون ﴿٣٥﴾ فمال الذين كفروا قبلك ع ٣٥

اهي جنتن ۾ عزت سان رهڻ وارا آهن ﴿٣٥﴾ پوءِ (اي مُحمّد ﷺ!) ڪافرن کي ڇا ٿيو آهي، جيڪي (ٽنوليون ڪندي) تو ڏانهن (۽

مهطعين ﴿٣٦﴾ عن اليمين وعن الشمال عزين ﴿٣٧﴾ ايطمع كل

تنهنجن ساڻين ڏانهن) ڊوڙندا اچن ٿا ﴿٣٦﴾ ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان ٽوليون ٽوليون ٿي اچن ٿا ﴿٣٧﴾ ڇا انهن مان هر شخص طمع

امرئ منهم ان يدخل جنة نعيم ﴿٣٨﴾ كلا انا خلقنهم مما

رکي ٿو تہ ڪيس نعمتن واري جنت ۾ داخل ڪيو ويندو ﴿٣٨﴾ (ائين) هرگز نہ آهي، (جيئن ڀانئين ٿا.) بيشڪ اسان کين انهيءَ

يعلمون ﴿٣٩﴾ فلا اقسم برب المشرق والمغرب انا لقدرون ﴿٤٠﴾

(شيءِ) مان پيدا ڪيو آهي، جنهن کي ڄاڻن ٿا (يعني ڪِني پاڻيءَ مان، پوءِ هڪ ٻئي تي پرهيزگاريءَ کان سواءِ فخر ڪيئن
تو ڄڻائي؟) ﴿٣٩﴾ پوءِ قسم آهي (ٽن سو سٺ) اولهن جي ربّ جو تہ بيشڪ اسين يقينًا قدرت رکندڙ آهيون ﴿٤٠﴾

عَلٰٓى اَنْ نُّبَدِّلَ خَيْرًا مِّنْهُمْ ۙ وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِيْنَ ﴿٤١﴾ فَذَرْهُمْ

ته انهن جي بدلي ۾ انهن کان ڀلاري قوم آڻيون ۽ اسين عاجز ٿيندڙ ۽ ٽڪجڻ وارا نه آهيون ﴿٤١﴾ پوءِ کين ڇڏي ڏي ته بيڪار

يَخُوْضُوْا وَيَلْعَبُوْا حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِىْ يُوْعَدُوْنَ ۙ ﴿٤٢﴾

ڳالهين ۽ راندين ۾ مشغول رهن، تانجو پنهنجي انهيءَ ڏينهن کي ڏسن، جنهن جو ساڻن وعدو ڪيو وڃي ٿو ﴿٤٢﴾

يَوْمَ يَخْرُجُوْنَ مِنَ الْاَجْدَاثِ سِرَاعًا كَاَنَّهُمْ اِلٰى نُصُبٍ

انهيءَ ڏينهن اهي قبرن مان اٿين ٻاهر نڪري ايندا (۽ سڏيندڙ ڏانهن) ڊوڙندا ايندا، ڄڻ ته اهي بتن ڏانهن ڊوڙندا

يُّوْفِضُوْنَ ۙ ﴿٤٣﴾ خَاشِعَةً اَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ؕ ذٰلِكَ الْيَوْمُ

وڃن ٿا ﴿٤٣﴾ خوف وچان سندن اکين تي دهشت ڇانيل هوندي. ذلت کين ويڙهي ويندي. هيءُ آهي اهو ڏينهن،

الَّذِىْ كَانُوْا يُوْعَدُوْنَ ﴿٤٤﴾ ع

جنهن جو ساڻن وعدو ڪيو ويندو هو ﴿٤٤﴾

(٧١) سُوْرَةُ نُوْحٍ مَكِّيَّةٌ (٧١)

اٰيَاتُهَا ٢٨ رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة نوح مڪي آهي. هن ۾ اٺاويهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

قرآن پڙهڻ شروع ڪريان ٿو، عزت ۽ عظمت واري الله جي نالي سان، جيڪو نعمت عطا ڪندڙ، مهربان آهي.

اِنَّآ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ اَنْ اَنْذِرْ قَوْمَكَ مِنْ قَبْلِ اَنْ

بيشڪ اسان نوح (عليه السلام) کي سندس قوم ڏانهن موڪليو ته پنهنجي قوم کي ڏکوئيندڙ عذاب جي اچڻ کان

يَّاْتِيَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١﴾ قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّىْ لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۙ ﴿٢﴾

اڳ ڊيڄار ﴿١﴾ (نوح عليه السلام کين) چيو ته اي منهنجي قوم! بيشڪ آءٌ توهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان ﴿٢﴾

اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاتَّقُوْهُ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿٣﴾ يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ

تہ (اڪيلي) الله جي عبادت ڪريو ۽ ان کان ڏڄو ۽ منهنجي فرمانبرداري ڪريو ﴿٣﴾ (الله تعاليٰ) توهان جا گناه معاف ڪندو

ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرْكُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ اِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ اِذَا جَآءَ لَا

۽ توهان کي (پنهنجي ازلي علم مطابق) مقرر وقت تائين مهلت ڏيندو. بيشڪ جڏهن الله جو مقرر وقت ايندو آهي

يُؤَخَّرُ ۘ لَوْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ دَعَوْتُ قَوْمِيْ لَيْلًا

وقف لازم

تہ پوئتي نہ ٿيندو آهي (يعني اڻ ٽر قضا نہ ٽرندي آهي ۽ ٽرندڙ قضا ٽري ويندي آهي. جيڪڏهن الله جو قهر) ڄاڻو (تہ جيڪر
پيغمبرن جي مخالفت ڪڏهن بہ نہ ڪريو) ﴿٤﴾ (نوح عليه السلام) چيو تہ اي منهنجا ربّ! بيشڪ مون پنهنجي قوم کي رات ۽ ڏينهن

وَّنَهَارًا ﴿٥﴾ فَلَمْ يَزِدْهُمْ دُعَآءِيْٓ اِلَّا فِرَارًا ﴿٦﴾ وَاِنِّيْ كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ

سڏيو ﴿٥﴾ پوءِ ڪين منهنجي دعوت رڳو ڀڄڻ ۾ وڌايو ﴿٦﴾ ۽ بيشڪ مون جڏهن بہ ڪين (ايمان لاءِ) سڏيو، جيئن ڪين معاف

لِتَغْفِرَ لَهُمْ جَعَلُوْٓا اَصَابِعَهُمْ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَاسْتَغْشَوْا ثِيَابَهُمْ وَ

فرمائين تہ پنهنجيون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾ وڌائون، (جيئن منهنجي دعوت نہ ٻڌن) ۽ پنهنجا ڪپڙا ويڙهيائون (جيئن

اَصَرُّوْا وَاسْتَكْبَرُوا اسْتِكْبَارًا ﴿٧﴾ ثُمَّ اِنِّيْ دَعَوْتُهُمْ جِهَارًا ﴿٨﴾ ثُمَّ

مون کي نہ ڏسن) ۽ (پنهنجي ڪفر ۽ منهنجي نافرمانيءَ) تي قائم رهيا ۽ تڪبر ڪيائون ﴿٧﴾ پوءِ بيشڪ مون ڪين ڏاڍيان

اِنِّيْٓ اَعْلَنْتُ لَهُمْ وَاَسْرَرْتُ لَهُمْ اِسْرَارًا ﴿٩﴾ فَقُلْتُ اسْتَغْفِرُوْا

سڏيو ﴿٨﴾ پوءِ مون ڪين کلم کلا ۽ ڳجهيءَ طرح دعوت ڏني ﴿٩﴾ پوءِ ڪين چيم تہ پنهنجي ربّ وٽ (ڪفر ۽ گناهن کان) معافي

رَبَّكُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ﴿١٠﴾ يُّرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا ﴿١١﴾ وَّ

گهرو. بيشڪ اهو (الله مؤمنن لاءِ گهڻو) بخشڻهار آهي ﴿١٠﴾ جيئن (توهان جي نافرمانيءَ سبب چاليهہ سالن جي ڏڪر

يُمْدِدْكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّبَنِيْنَ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ جَنّٰتٍ وَّيَجْعَلْ لَّكُمْ

کان پوءِ) توهان تي لڳاتار مينهن وسائي ﴿١١﴾ ۽ (توهان جي عورتن جي سنڌ ٽيڻ کان پوءِ توهان کي) مال ۽ اولاد ۾ وڌائي

اَنْهٰرًا ﴿١٢﴾ مَا لَكُمْ لَا تَرْجُوْنَ لِلّٰهِ وَقَارًا ﴿١٣﴾ وَقَدْ خَلَقَكُمْ

۽ توهان کي باغن سان نوازي ۽ توهان لاءِ نهرون وهائي ﴿١٢﴾ توهان کي ڇا ٿيو آهي، جو توهان الله جي وڏائيءَ جو يقين

اَطْوَارًا ﴿١٤﴾ اَلَمْ تَرَوْا كَيْفَ خَلَقَ اللّٰهُ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ﴿١٥﴾ وَّ

نٿا رکو ﴿١٣﴾ ۽ بيشڪ انهيءَ توهان کي (پهريائين مٽيءَ مان، پوءِ نطفي مان، پوءِ جميل رت مان، پوءِ ٻوٽيءَ مان، پوءِ هڏين مان ۽ پوءِ
ٻي خلقت مان) طرح طرح جي حالتن ۾ پيدا ڪيو ﴿١٤﴾ ڇا نٿا ڏسو ته الله ست آسمان هيٺان مٿان ناهيا آهن ﴿١٥﴾ ۽ انهن (آسمانن) ۾

جَعَلَ الْقَمَرَ فِيْهِنَّ نُوْرًا وَّجَعَلَ الشَّمْسَ سِرَاجًا ﴿١٦﴾ وَاللّٰهُ اَنْۢبَتَكُمْ

چنڊ کي روشن ڪيائين ۽ (هن اونداهين دنيا ۾) سج کي چمڪندڙ ڪيائين ﴿١٦﴾ ۽ الله ئي توهان کي زمين مان پيدا ڪيو، پيدا

مِّنَ الْاَرْضِ نَبَاتًا ﴿١٧﴾ ثُمَّ يُعِيْدُكُمْ فِيْهَا وَ يُخْرِجُكُمْ اِخْرَاجًا ﴿١٨﴾

ڪرڻ ﴿١٧﴾ پوءِ توهان کي زمين (يعني قبرن) ۾ موٽائيندو ۽ توهان کي (ان مان) ٻاهر ڪيندو، چڱيءَ طرح ٻاهر ڪيڻ ﴿١٨﴾

وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ بِسَاطًا ﴿١٩﴾ لِّتَسْلُكُوْا مِنْهَا سُبُلًا

۽ الله تعاليٰ ئي توهان لاءِ زمين کي وڇائو بڻايو ﴿١٩﴾ جيئن ان جي ڪشادن رستن ۾ هلو، ڦرو ﴿٢٠﴾ نوح (عليه

فِجَاجًا ﴿٢٠﴾ قَالَ نُوْحٌ رَّبِّ اِنَّهُمْ عَصَوْنِيْ وَاتَّبَعُوْا مَنْ لَّمْ يَزِدْهُ

السلام) چيو ته اي منهنجا ربّ! بيشڪ انهن ماڻهن منهنجي نافرماني ڪئي ۽ (پنهنجن سردارن جي) پيروي

مَالُهٗ وَوَلَدُهٗٓ اِلَّا خَسَارًا ﴿٢١﴾ وَمَكَرُوْا مَكْرًا كُبَّارًا ﴿٢٢﴾ وَقَالُوْا

ڪيائون، جن جي مالن ۽ اولاد ڪين رڳو نقصان ۾ وڌايو ﴿٢١﴾ ۽ (زمين ۾) ڏاڍي وڏي مڪاري ڪيائون (يعني ڪفر، فساد، پيغمبر سڳورن ۽
مؤمنن جي مخالفت ۾ حد کان نڪري ويا آهن.) ﴿٢٢﴾ ۽ (قوم نوح عليه السلام جي سردارن پنهنجن پوئلڳن کي) چيو ته هرگز

لَا تَذَرُنَّ اٰلِهَتَكُمْ وَلَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَّلَا سُوَاعًا ۙ وَّلَا يَغُوْثَ

پنهنجن معبودن کي نه ڇڏيو ۽ (خاص ڪري پنجن وڏن بتن يعني) نه وَدّ کي ڇڏيو ۽ نه سواع کي ۽ نه يغوث کي ۽ نه يعوق ۽

وَيَعُوْقَ وَنَسْرًا ﴿٢٣﴾ وَقَدْ اَضَلُّوْا كَثِيْرًا ۚ وَلَا تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ

نسر کي ﴿٢٣﴾ ۽ انهن (يعني سندن سردارن يا سندن بتن) گهڻن ماڻهن کي گمراهه ڪيو ۽ ظالمن کي رڳو گمراهيءَ

اِلَّا ضَلٰلًا ﴿۲۴﴾ مِمَّا خَطِیْٓـٰٔتِهِمْ اُغْرِقُوْا فَاُدْخِلُوْا نَارًا ۙ۬ فَلَمْ

(۽ خواريءَ) ۾ وڌاءِ ﴿۲۴﴾ پنهنجن گناهن جي سبب اهي غرق ڪيا ويا، پوءِ باهه ۾ داخل ڪيا ويا، پوءِ

یَجِدُوْا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْصَارًا ﴿۲۵﴾ وَقَالَ نُوْحٌ رَّبِّ لَا

الله کان سواءِ پنهنجي لاءِ (ڪنهن باطل معبود ۽ بت ڪي) مددگار نہ لڌائون ﴿۲۵﴾ ۽ نوح (عَلَيْهِ السَّلَامُ) چيو تہ منهنجا ربّ!

تَذَرْ عَلَى الْاَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِیْنَ دَیَّارًا ﴿۲۶﴾ اِنَّكَ اِنْ تَذَرْهُمْ

زمين تي ڪافرن مان ڪنهن ڪي بہ گهمندڙ ڦرندڙ نہ ڇڏ ﴿۲۶﴾ بيشڪ جيڪڏهن کين ڇڏي ڏيندين

یُضِلُّوْا عِبَادَكَ وَلَا یَلِدُوْٓا اِلَّا فَاجِرًا كَفَّارًا ﴿۲۷﴾ رَبِّ

تہ رڳو تنهنجن ٻانهن کي گمراه ڪندا ۽ رڳو بدڪار (۽) ڪافر (ٻار) ڄڻيندا ﴿۲۷﴾ منهنجا ربّ! بخش

اغْفِرْ لِیْ وَلِوَالِدَیَّ وَلِمَنْ دَخَلَ بَیْتِیَ مُؤْمِنًا وَّلِلْمُؤْمِنِیْنَ

مون کي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ جيڪو مؤمن ٿي منهنجي گهر ۾ داخل ٿئي ۽ مؤمن مردن

وَالْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَلَا تَزِدِ الظّٰلِمِیْنَ اِلَّا تَبَارًا ﴿۲۸﴾ ع

۽ مؤمن عورتن کي ۽ ظالمن کي رڳو هلاڪت ۾ وڌاءِ ﴿۲۸﴾

اٰیَاتُهَا ۲۸ (۷۲) سُوْرَةُ الْجِنِّ مَكِّیَّةٌ (۴۰) رُكُوْعَاتُهَا ۲

سورة الجن مڪي آهي. هن ۾ اٺاويهہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو پيدا ڪندڙ، مهربان آهي.

قُلْ اُوْحِیَ اِلَیَّ اَنَّهُ اسْتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ الْجِنِّ فَقَالُوْٓا اِنَّا سَمِعْنَا

(اي مُحمّد ﷺ!) فرماءِ تہ مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي تہ جنن جي هڪ ٽوليءَ قرآن ٻڌو، پوءِ (پنهنجي قوم ڏانهن

قُرْاٰنًا عَجَبًا ۙ﴿۱﴾ يَّهْدِيْٓ اِلَى الرُّشْدِ فَاٰمَنَّا بِهٖ ؕ وَلَنْ نُّشْرِكَ

موٽي آيا ۽ انهن کي) چيائون ته بيشڪ اسان (فصاحت، بلاغت ۽ سچائي ۾) هڪڙو عجيب قرآن ٻڌو آهي ① جيڪو
هدايت جي واٽ ڏيکاري ٿو. پوءِ اسان انهيءَ تي ايمان آندو ۽ اسين پنهنجي ربّ سان هرگز ڪنهن کي

بِرَبِّنَآ اَحَدًا ۙ﴿۲﴾ وَّاَنَّهٗ تَعٰلٰى جَدُّ رَبِّنَا مَا اتَّخَذَ صَاحِبَةً وَّلَا

شريڪ نه ڪنداسون ② ۽ بيشڪ اسان جي ربّ جو شان گهڻو مٿانهون آهي، جنهن نه ڪنهن کي پنهنجي زال

وَلَدًا ۙ﴿۳﴾ وَّاَنَّهٗ كَانَ يَقُوْلُ سَفِيْهُنَا عَلَى اللّٰهِ شَطَطًا ۙ﴿۴﴾ وَّاَنَّا ظَنَنَّآ

بڻايو آهي ۽ نه ڪنهن کي پنهنجو پٽ بڻايو آهي ③ ۽ هيءُ ته اسان جو بيوقوف (يعني شيطان يا ڪافر جنّ) الله تي ڪوڙي تهمت
هٽندا آهن (۽ انهيءَ ڏانهن شرڪ ۽ اولاد جي نسبت ڪندا آهن.) ④ ۽ هيءُ ته اسان (يعني جنن) ڀانيو ته انسان ۽ جنّ

اَنْ لَّنْ تَقُوْلَ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ۙ﴿۵﴾ وَّاَنَّهٗ كَانَ

هرگز الله تي (اولاد ۽ زال وٺڻ جو) ڪوڙ نه هٽندا (۽ اسان کي سندن اهو ڪوڙ قرآن جي ذريعي معلوم ٿيو) ⑤ ۽ هيءُ ته

رِجَالٌ مِّنَ الْاِنْسِ يَعُوْذُوْنَ بِرِجَالٍ مِّنَ الْجِنِّ فَزَادُوْهُمْ

انسانن مان ڪي ماڻهو هئا، جيڪي ڪن جنّ ماڻهن جي پناهه وٺندا هئا، (جو رات جو مسافري تي وڃڻ وقت چوندا هئا ته هن
ماڙيءَ جي سردار جنّ جي شرير جنن کان پناهه وٺون ٿا.) پوءِ (انهيءَ ڳالهه) ڪين سرڪشيءَ (وڌائي ۽ ڪفر) ۾ وڌائي ڇڏيو ⑥

رَهَقًا ۙ﴿۶﴾ وَّاَنَّهُمْ ظَنُّوْا كَمَا ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ اَحَدًا ۙ﴿۷﴾

۽ هيءُ ته جنن ڀانيو، جيئن (اي انسانو!) توهان ڀانيو ٿا ته الله هرگز ڪنهن کي به (رسول) ڪري نه موڪليندو ⑦

وَّاَنَّا لَمَسْنَا السَّمَآءَ فَوَجَدْنٰهَا مُلِئَتْ حَرَسًا شَدِيْدًا وَّشُهُبًا ۙ﴿۸﴾ وَّ

۽ هيءُ ته اسان (جنّ ڳجهيون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ) آسمان تي وياسون، پوءِ ان کي (اڳي کان وڌيڪ) سخت محافظ (فرشتن) ۽ ستارن
سان ڀريل لڌوسون. (تنهن ڪري هاڻي انهن اماڙين جي ڪري غيب جون ڳالهيون ٻڌڻ ممڪن نه آهي) ⑧ ۽ هيءُ ته اسين آسمان

اَنَّا كُنَّا نَقْعُدُ مِنْهَا مَقَاعِدَ لِلسَّمْعِ ؕ فَمَنْ يَّسْتَمِعِ الْاٰنَ

جي (خالي) جاين تي ڳجهيون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ ويهندا هئاسون، پوءِ هاڻي جيڪو به ٻڌي ٿو ته گهٽيءَ ۾ ويٺل (فرشتن

يَجِدْ لَهٗ شِهَابًا رَّصَدًا ۙ﴿۹﴾ وَّاَنَّا لَا نَدْرِيْٓ اَشَرٌّ اُرِيْدَ بِمَنْ فِى

جي) ٻرندڙ تاري (جي اماڙي) لهي ٿو ⑨ ۽ هيءُ ته اسين نٿا ڄاڻون ته (ٻرندڙ تارن جي وسڪاري ذريعي) زمين وارن

الْاَرْضِ اَمْ اَرَادَ بِهِمْ رَبُّهُمْ رَشَدًا ﴿١٠﴾ وَّاَنَّا مِنَّا الصّٰلِحُوْنَ وَ

سان برائيءَ جو ارادو ڪيو ويو آهي، يا سندن ربّ ساڻن ڀلائي جو ارادو ڪيو آهي؟ ﴿١٠﴾ ۽ هيءُ تہ اسان مان ڪي صالح

مِنَّا دُوْنَ ذٰلِكَ ط كُنَّا طَرَآئِقَ قِدَدًا ﴿١١﴾ وَّاَنَّا ظَنَنَّآ اَنْ لَّنْ

آهن ۽ ڪي انهن کان سواءِ آهن. اسان مختلف مذهبي ٽوليون آهيون ﴿١١﴾ ۽ هيءُ تہ اسين ڄاڻون ٿا تہ زمين ۾ الله کي

نُّعْجِزَ اللّٰهَ فِي الْاَرْضِ وَلَنْ نُّعْجِزَهٗ هَرَبًا ﴿١٢﴾ وَّاَنَّا لَمَّا سَمِعْنَا

هرگز عاجز نہ ڪنداسون (جو ڪٿي لڪي سگهون) ۽ نہ هرگز ان کان ڪٿي ڀڄي سگهون ٿا ﴿١٢﴾ ۽ هيءُ تہ جڏهن (اسان

الْهُدٰٓى اٰمَنَّا بِهٖ ط فَمَنْ يُّؤْمِنْ بِرَبِّهٖ فَلَا يَخَافُ بَخْسًا وَّلَا

حضرت محمد ﷺ تي لاٿل قرآن ۽) هدايت کي ٻڌو تہ مٿس ايمان آندوسون. پوءِ جيڪو پنهنجي ربّ تي ايمان آڻيندو

رَهَقًا ﴿١٣﴾ وَّاَنَّا مِنَّا الْمُسْلِمُوْنَ وَمِنَّا الْقٰسِطُوْنَ ط فَمَنْ اَسْلَمَ

تنهن کي نہ (نيڪين جي ثواب جي) گهٽتائيءَ جو ڪو خوف ٿيندو ۽ نہ (ٿي گناهن جي بخشش بابت) ڪنهن ظلم جو
ڊپ ٿيندو ﴿١٣﴾ ۽ هيءُ تہ اسان مان ڪي مسلمان آهن ۽ ڪي اسان مان بي انصاف (يعني ڪافر) آهن. پوءِ جن ايمان

فَاُولٰٓئِكَ تَحَرَّوْا رَشَدًا ﴿١٤﴾ وَاَمَّا الْقٰسِطُوْنَ فَكَانُوْا لِجَهَنَّمَ حَطَبًا ﴿١٥﴾

آندو تہ اهي ئي ماڻهو آهن، جن ڀلائي حاصل ڪئي ﴿١٤﴾ ۽ باقي رهيا ظالم ماڻهو تہ اهي جهنم جو ٻارڻ ٿيندا ﴿١٥﴾

وَّاَنْ لَّوِ اسْتَقَامُوْا عَلَى الطَّرِيْقَةِ لَاَسْقَيْنٰهُمْ مَّآءً غَدَقًا ﴿١٦﴾

۽ (اي محمد ﷺ! فرماءِ تہ مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي تہ) جيڪڏهن ماڻهو (اسلام جي) رستي تي قائم رهندا تہ يقينًا

لِّنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ط وَمَنْ يُّعْرِضْ عَنْ ذِكْرِ رَبِّهٖ يَسْلُكْهُ عَذَابًا

کين گهڻي مقدار ۾ پاڻي پياريندا سون. (يعني کين ڪشادي روزي ڏينداسون.) ﴿١٦﴾ جيئن کين انهيءَ ذريعي آزمايون (تہ اسان جي
نعمتن کي ڪيئن ٿا استعمال ڪن؟) ۽ جيڪو شخص پنهنجي ربّ جي ذڪر (يعني قرآن) کان منهن موڙيندو، تنهن کي (الله) سخت عذاب

صَعَدًا ﴿١٧﴾ وَّاَنَّ الْمَسٰجِدَ لِلّٰهِ فَلَا تَدْعُوْا مَعَ اللّٰهِ اَحَدًا ﴿١٨﴾ وَّاَنَّهٗ

۾ داخل ڪندو ﴿١٧﴾ ۽ (پڻ مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي) تہ مسجدون (يا سجدي جا عضوا) خاص الله لاءِ آهن، پوءِ الله سان

لَمَّا قَامَ عَبْدُ اللّٰهِ يَدْعُوْهُ كَادُوْا يَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِ لِبَدًا ﴿١٩﴾ قُلْ

گڏ ڪنهن کي نہ پڪاريو ⑱ ۽ (پڻ مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي) تہ جڏهن الله جو (خاص) ٻانهو (رسولن جو سردار ﷺ فجر جي نماز ۾) الله کي پڪاريندو آهي تہ (جنّ) مٿس ميڙا ڪري هڪ ٻئي تي ڪِرڻ وارا هوندا آهن ⑲ (اي پيغمبر ﷺ!) فرماءِ تہ بيشڪ آءٌ رڳو

اِنَّمَآ اَدْعُوْا رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٠﴾ قُلْ اِنِّيْ لَآ اَمْلِكُ

پنهنجي ربّ کي پڪاريان ٿو ۽ (مشرڪن کي راضي ڪرڻ لاءِ) ان سان ڪنهن هڪ کي شريڪ نٿو ڪريان ⑳ (اي پيغمبر

لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا رَشَدًا ﴿٢١﴾ قُلْ اِنِّيْ لَنْ يُّجِيْرَنِيْ مِنَ اللّٰهِ

ﷺ!) فرماءِ تہ آءٌ توهان لاءِ نہ ڪنهن نقصان جو مالڪ آهيان ۽ نہ ڪنهن نفعي جو ㉑ فرماءِ تہ بيشڪ مون کي الله کان

اَحَدٌ ۙ وَّلَنْ اَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا ﴿٢٢﴾ اِلَّا بَلٰغًا مِّنَ اللّٰهِ

هرگز ڪو بچائي نہ سگهندو ۽ (جيڪڏهن الله جي نافرماني ڪريان تہ) سندس مقابلي ۾ پناهہ جي ڪا جاءِ نہ لهندس ㉒

وَرِسٰلٰتِهٖ ؕ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاِنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ

(منهنجو ڪم) رڳو الله جو پيغام پهچائڻ آهي ۽ جيڪو الله ۽ سندس رسول (ﷺ) جي نافرماني ڪندو، پوءِ بيشڪ ان لاءِ

خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ﴿٢٣﴾ حَتّٰٓى اِذَا رَاَوْا مَا يُوْعَدُوْنَ فَسَيَعْلَمُوْنَ

جهنم جي باهہ (تيار) آهي، جنهن ۾ هميشه رهندو ㉓ (اي پيغمبر ﷺ! فرماءِ تہ صبر ڪريو)، تانجو جڏهن ان

مَنْ اَضْعَفُ نَاصِرًا وَّاَقَلُّ عَدَدًا ﴿٢٤﴾ قُلْ اِنْ اَدْرِيْٓ اَقَرِيْبٌ مَّا

(عذاب) کي ڏسندا، جنهن جو انهن سان وعدو ڪيو وڃي ٿو، تڏهن سگهو ئي ڄاڻندا تہ ڪير مدد جي لحاظ سان وڌيڪ هيڻو آهي ۽ ڪير تعداد جي لحاظ سان وڌيڪ گهٽ آهي ㉔ (اي محمد ﷺ!) فرماءِ تہ آءٌ نٿو ڄاڻان تہ توهان سان جيڪو وعدو ڪيو

تُوْعَدُوْنَ اَمْ يَجْعَلُ لَهٗ رَبِّيْٓ اَمَدًا ﴿٢٥﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ فَلَا

وڃي ٿو، اهو ويجهو آهي، يا منهنجو ربّ ان جي مدت کي وڌائيندو ㉕ اهو الله ئي ڳجهہ جو ڄاڻندڙ آهي، پوءِ

يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٦﴾ اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ فَاِنَّهٗ

پنهنجي ڳجهہ تي ڪنهن هڪ کي بہ واقف نہ ڪندو آهي ㉖ مگر جنهن رسول کي پسند ڪندو آهي، تنهن کي

يَسْلُكُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ رَصَدًا ﴿٢٧﴾ لِّيَعْلَمَ اَنْ

(معجزا ڏيکارڻ لاءِ جيتري قدر گهرندو آهي، ڳجهه کان واقف ڪندو آهي.) پوءِ سندس اڳيان ۽ سندس پويان نگران (فرشتو) مقرر ڪندو آهي، (جيڪو شيطاني وسوسن کان سندس حفاظت ڪندو آهي.) ﴿٢٧﴾ جيئن (الله) ڄاڻي ته انهن پنهنجي ربّ

قَدْ اَبْلَغُوْا رِسٰلٰتِ رَبِّهِمْ وَاَحَاطَ بِمَا لَدَيْهِمْ وَاَحْصٰى كُلَّ

جا پيغام پهچايا ۽ جيڪي (شرعي احڪام) انهن وٽ آهن، تن کي ڄاڻي ۽ (الله تعاليٰ) هر شيءِ کي (پنهنجي

شَيْءٍ عَدَدًا ﴿٢٨﴾ ع

علم جي آڌار تي) ڳڻي ڇڏيو آهي ﴿٢٨﴾

ع ٢ ١٤

اٰيَاتُهَا ٢٠ (٧٣) سُوْرَةُ الْمُزَّمِّلِ مَكِّيَّةٌ (٣) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة المزمل مڪي آهي. هن ۾ ويه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

يٰۤاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ﴿١﴾ قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٢﴾ نِّصْفَهٗۤ اَوِ انْقُصْ مِنْهُ

اي ڪپڙو ويڙهڻ وارا ﴿١﴾ رات جو اٿي (تهجد پڙهه)، مگر ٿوري رات (ننڊ ڪر) ﴿٢﴾ اڌ رات يا ان کان ٿورو گهٽ وقت (يعني رات

قَلِيْلًا ﴿٣﴾ اَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ﴿٤﴾ اِنَّا سَنُلْقِيْ

جو ٽيون حصو آرام ڪر.) ﴿٣﴾ يا ان کان ڪجهه وڌيڪ ۽ ٺاهي ٺاهي قرآن پڙهه ﴿٤﴾ بيشڪ سگهوئي اسين توتي ڳرو فرمان

عَلَيْكَ قَوْلًا ثَقِيْلًا ﴿٥﴾ اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيْلِ هِيَ اَشَدُّ وَطْاً وَّاَقْوَمُ

لاهيندڙ آهيون ﴿٥﴾ بيشڪ رات جو بيهڻ، يا رات جون گهڙيون (نمازيءَ تي) ثابت قدمي ۽ پڙهڻ جي لحاظ سان وڌيڪ سخت

قِيْلًا ﴿٦﴾ اِنَّ لَكَ فِى النَّهَارِ سَبْحًا طَوِيْلًا ﴿٧﴾ وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَ

آهن ﴿٦﴾ بيشڪ ڏينهن ۾ تنهنجي لاءِ گهڻيون مشغوليتون آهن (يعني ڪم گهڻو ۽ آرام لاءِ وقت گهٽ آهي.) ﴿٧﴾ ۽

تَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ۞٨ رَبُّ الْمَشْرِقِ وَ الْمَغْرِبِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ

پنهنجي ربّ جو نالو (تعظيم سان) وٺ ۽ (هر طرف کان) جدا ٿي، الله ڏانهن توجّه ڪر ⑧ اهوئي اوڀر ۽ اولھ جو ربّ آهي،

فَاتَّخِذْهُ وَكِيْلًا ۞٩ وَ اصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَ اهْجُرْهُمْ هَجْرًا

ان کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، پوءِ ان کي ئي پنهنجو ڪارساز بڻاءِ ⑨ ۽ (ڪافر) جيڪي ڪجھ چون ٿا، ان تي صبر ڪر ۽

جَمِيْلًا ۞١٠ وَ ذَرْنِيْ وَ الْمُكَذِّبِيْنَ اُولِي النَّعْمَةِ وَ مَهِّلْهُمْ قَلِيْلًا ۞١١

ڪين چڱي ڏي سهڻي نموني ڇڏڻ ⑩ ۽ مون کي ۽ ڪوڙو ڪندڙ خوشحال شخص کي ڇڏي ڏي ۽ ڪيس ٿوري مهلت ڏي ⑪

اِنَّ لَدَيْنَآ اَنْكَالًا وَّ جَحِيْمًا ۞١٢ وَّ طَعَامًا ذَا غُصَّةٍ وَّ عَذَابًا اَلِيْمًا ۞١٣

بيشڪ اسان وٽ هٿڪڙيون ۽ ڀڙڪندڙ باھ آهي ⑫ ۽ نڙيءَ ۾ اٽڪندڙ کاڌو ۽ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ⑬

يَوْمَ تَرْجُفُ الْاَرْضُ وَ الْجِبَالُ وَ كَانَتِ الْجِبَالُ كَثِيْبًا مَّهِيْلًا ۞١٤

جنهن ڏينهن ڌرتي ڌڏندي ۽ جبل بہ ڌڏندا ۽ جبل واريءَ جا ڍڳا ٿي اڏامندا ⑭ (اي مڪي وارو!)

اِنَّآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْكُمْ رَسُوْلًا ۙ۬ شَاهِدًا عَلَيْكُمْ كَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلٰى

بيشڪ اسان توهان ڏانهن (قيامت جي ڏينهن) هڪ شاهدي ڏيندڙ رسول (ڪريم ﷺ) کي موڪليو آهي، جيئن فرعون ڏانهن (موسيٰ

فِرْعَوْنَ رَسُوْلًا ۞١٥ فَعَصٰى فِرْعَوْنُ الرَّسُوْلَ فَاَخَذْنٰهُ اَخْذًا وَّبِيْلًا ۞١٦

عليه السلام کي) رسول ڪري موڪليوسون ⑮ پوءِ فرعون انهيءَ رسول جي نافرماني ڪئي، پوءِ ڪيس پڪڙ يوسون سخت پڪڙڻ ⑯

فَكَيْفَ تَتَّقُوْنَ اِنْ كَفَرْتُمْ يَوْمًا يَّجْعَلُ الْوِلْدَانَ شِيْبًا ۞١٧

پوءِ جيڪڏهن توهان انڪار ڪريو ٿا تہ ان ڏينهن (جي عذاب کان) پاڻ کي ڪيئن بچائيندا، جيڪو ٻارڙن کي بہ پوڙهو ڪري ڇڏيندو ⑰

السَّمَآءُ مُنْفَطِرٌۢ بِهٖ ؕ كَانَ وَعْدُهٗ مَفْعُوْلًا ۞١٨ اِنَّ هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ ۚ

جنهن ڏينهن (مضبوط) آسمان بہ ڦاٽي پوندو ، اهو الله جو وعدو آهي، جيڪو ضرور پورو ٿيڻو آهي ⑱ بيشڪ اها هڪ

فَمَنۡ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيۡلًا ﴿١٩﴾ ع اِنَّ رَبَّكَ يَعۡلَمُ اَنَّكَ

(وڏي) نصيحت آهي، پوءِ جيڪو گهري (اطاعت ڪندي) پنهنجي ربّ (جي ويجهڙائيءَ واري) واٽ وٺي ﴿١٩﴾ بيشڪ

تَقُوۡمُ اَدۡنٰى مِنۡ ثُلُثَىِ الَّيۡلِ وَنِصۡفَهٗ وَثُلُثَهٗ وَطَآئِفَةٌ مِّنَ

(اي مُحمّد ﷺ!) تنهنجو ربّ ڄاڻي ٿو ته تون ۽ تنهنجن ساٿين جي هڪڙي جماعت (تهجد ۾ قرآن جي پڙهڻ

الَّذِيۡنَ مَعَكَ ؕ وَاللّٰهُ يُقَدِّرُ الَّيۡلَ وَالنَّهَارَ ؕ عَلِمَ اَنۡ لَّنۡ

لاءِ ڪڏهن) رات جون ٻه ٽهايون ۽ (ڪڏهن) اڌ رات ۽ (ڪڏهن) رات جو ٽيون حصو اٿندا آهيو ۽ الله

تُحۡصُوۡهُ فَتَابَ عَلَيۡكُمۡ فَاقۡرَءُوۡا مَا تَيَسَّرَ مِنَ الۡقُرۡاٰنِ ؕ عَلِمَ

تعاليٰ ئي رات ۽ ڏينهن جو اندازو مقرر ڪري ٿو. الله ڄاڻي ورتو ته توهان (عبادت جي لاءِ ايترو وڏيڪ

اَنۡ سَيَكُوۡنُ مِنۡكُمۡ مَّرۡضٰى ۙ وَاٰخَرُوۡنَ يَضۡرِبُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ

وقت) نباهي نه سگهندا. پوءِ توهان تي مهرباني (۽ هلڪائي) ڪيائين. هاڻي جيترو قرآن آسان ٿئي،

يَبۡتَغُوۡنَ مِنۡ فَضۡلِ اللّٰهِ ۙ وَاٰخَرُوۡنَ يُقَاتِلُوۡنَ فِىۡ سَبِيۡلِ

ايترو (نماز ۾) پڙهو. انهيءَ ڄاڻي ورتو ته توهان مان ڪي بيمار آهن ۽ ڪي ٻيا زمين ۾ الله جي فضل جي

اللّٰهِ ۖ فَاقۡرَءُوۡا مَا تَيَسَّرَ مِنۡهُ ۙ وَاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ

ڳولا لاءِ نڪرندا آهن ۽ ٻيا الله جي رستي ۾ وڙهندا آهن . پوءِ (هاڻي) جيتري قدر قرآن آسان ٿئي، ايترو پڙهو

وَاَقۡرِضُوا اللّٰهَ قَرۡضًا حَسَنًا ؕ وَمَا تُقَدِّمُوۡا لِاَنۡفُسِكُمۡ مِّنۡ

۽ (فرض) نماز قائم ڪريو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽ الله کي قرض ڏيو، سهڻو قرض ڏيڻ ۽ جيڪا ٻه ڀلائي (يعني صدقو

خَيۡرٍ تَجِدُوۡهُ عِنۡدَ اللّٰهِ هُوَ خَيۡرًا وَّاَعۡظَمَ اَجۡرًا ؕ وَ

وغيره) توهان پنهنجي لاءِ اڳتي (يعني آخرت جي لاءِ) موڪليندا، الله وٽ ان جو وڏيڪ چڱو ۽ گهڻو وڏو اجر

ع ١ ١٤

اسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ع ﴿٢٠﴾

لهندا ۽ الله كان بخشش گهرو، بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي ⑳

ركوعاتها ٢ — (٧٤) سُوْرَةُ الْمُدَّثِّرِ مَكِّيَّةٌ (٤) — اٰياتها ٥٦

سورة المدثر مڪي آهي. هن ۾ ڇاونجاهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو بخشڻهار، مهربان آهي.

يٰۤاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ ۙ﴿١﴾ قُمْ فَاَنْذِرْ ۙ﴿٢﴾ وَرَبَّكَ فَكَبِّرْ ۙ﴿٣﴾ وَثِيَابَكَ

اي ڪپڙو ويڙهيندڙ! ① اٿ پوءِ (ماڻهن کي) ڊيڄار ② ۽ پنهنجي ربّ جي وڏائي بيان ڪر ③ ۽ پنهنجا ڪپڙا پاڪ

فَطَهِّرْ ۙ﴿٤﴾ وَالرُّجْزَ فَاهْجُرْ ۙ﴿٥﴾ وَلَا تَمْنُنْ تَسْتَكْثِرُ ۙ﴿٦﴾ وَلِرَبِّكَ

رک ④ ۽ (عذاب جي سببن) کان پري رهه (يعني ٻاڻ کي شرڪ ۽ نافرمانيءَ کان بچاءِ) ⑤ ۽ احسان ڪري وڌيڪ وٺڻ جي ڪوشش نه ڪر

(اها منع نبي ﷺ جن جي خاصيت آهي، سندن وڏي شان جي ڪري) ⑥ ۽ پنهنجي ربّ (جي رضا) لاءِ (مشرڪن جي ستائڻ

فَاصْبِرْ ؕ﴿٧﴾ فَاِذَا نُقِرَ فِي النَّاقُوْرِ ۙ﴿٨﴾ فَذٰلِكَ يَوْمَئِذٍ يَّوْمٌ عَسِيْرٌ ۙ﴿٩﴾

۽ امر نهيءَ جي ڪمن تي) صبر ڪر ⑦ پوءِ جڏهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو ⑧ ته اهو ڏينهن ڏاڍو سخت ڏينهن هوندو ⑨

عَلَى الْكٰفِرِيْنَ غَيْرُ يَسِيْرٍ ﴿١٠﴾ ذَرْنِيْ وَمَنْ خَلَقْتُ وَحِيْدًا ۙ﴿١١﴾

ڪافرن لاءِ آسان نه هوندو ⑩ (اي محمد ﷺ!) مون کي ۽ جنهن کي مون اڪيلي سر پيدا ڪيو آهي، تنهن کي ڇڏي ڏي ⑪

وَّجَعَلْتُ لَهٗ مَالًا مَّمْدُوْدًا ۙ﴿١٢﴾ وَّبَنِيْنَ شُهُوْدًا ۙ﴿١٣﴾ وَّمَهَّدْتُّ لَهٗ

۽ جنهن کي مون گهڻو مال ڏنو آهي ⑫ ۽ (مڪي ۾ هر وقت) حاضر رهندڙ پٽ ڏنا ۽ ڪيس هر طرح جي سامان ۾ ڪشادگي

تَمْهِيْدًا ۙ﴿١٤﴾ ثُمَّ يَطْمَعُ اَنْ اَزِيْدَ ۙ﴿١٥﴾ كَلَّا ؕ اِنَّهٗ كَانَ لِاٰيٰتِنَا

عطا ڪئي آهي (يعني وليد بن مغيره کي) ⑭ پوءِ به طمع رکي ٿو ته ڪيس (مال ۽ اولاد ۾ اڃا به) وڌايان (دنيا ۾ به ۽

عَنِيْدًا ؕ﴿۱۶﴾ سَاُرْهِقُهٗ صَعُوْدًا ؕ﴿۱۷﴾ اِنَّهٗ فَكَّرَ وَ قَدَّرَ ۙ﴿۱۸﴾ فَقُتِلَ كَيْفَ

آخرت ۾ به) ﴿۱۵﴾ هرگز ائين نه آهي (جيئن طمع رکي ٿو) بيشڪ اهو اسان جي آيتن جو ويري آهي ﴿۱۶﴾ جلد ئي ڪيس سخت عذاب ڏيندس يا
ڪيس باهه جي جبل (صعود تي) چاڙهيندس ﴿۱۷﴾ بيشڪ ان (قرآن ۽ محمد ﷺ جي شان جي خلاف) ويچار ڪيو ۽ اندازو ڪيائين ﴿۱۸﴾

قَدَّرَ ۙ﴿۱۹﴾ ثُمَّ قُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَ ۙ﴿۲۰﴾ ثُمَّ نَظَرَ ۙ﴿۲۱﴾ ثُمَّ عَبَسَ وَ بَسَرَ ۙ﴿۲۲﴾

پوءِ متس مار پوي، ڪيئن اندازو ڪيائين ﴿۱۹﴾ وري مار پويس، ڪيئن اندازو ڪيائين ﴿۲۰﴾ وري (قرآن جي خلاف) سوچ ويچار

ثُمَّ اَدْبَرَ وَ اسْتَكْبَرَ ۙ﴿۲۳﴾ فَقَالَ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا سِحْرٌ يُّؤْثَرُ ۙ﴿۲۴﴾ اِنْ هٰذَاۤ

ڪيائين ﴿۲۱﴾ پوءِ پيشانيءَ ۾ گهنج وڌائين ۽ ٻوٿ ٻچڙو ڪيائين ﴿۲۲﴾ پوءِ (ايمان کي) پٺي ڏنائين ۽ (قرآن کان) وڏائي ڪيائين ﴿۲۳﴾
پوءِ چيائين ته (حضرت محمد ﷺ جن تي لاٿل) هيءُ قرآن رڳو هڪڙو جادو آهي، جيڪو جادوگرن کان نقل ڪيو وڃي ٿو ﴿۲۴﴾

اِلَّا قَوْلُ الْبَشَرِ ؕ﴿۲۵﴾ سَاُصْلِيْهِ سَقَرَ ﴿۲۶﴾ وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا سَقَرُ ؕ﴿۲۷﴾

هيءُ ته رڳو انساني ڪلام آهي ﴿۲۵﴾ سگهوئي ڪيس دوزخ ۾ پهچائيندس ﴿۲۶﴾ ۽ تو کي ڪهڙي خبر ته دوزخ ڇا آهي ﴿۲۷﴾

لَا تُبْقِيْ وَ لَا تَذَرُ ۚ﴿۲۸﴾ لَوَّاحَةٌ لِّلْبَشَرِ ۚۖ﴿۲۹﴾ عَلَيْهَا تِسْعَةَ عَشَرَ ؕ﴿۳۰﴾ وَ

نه (جيئرو) باقي رکندو ۽ نه (ماري) ڇڏيندو ﴿۲۸﴾ بدن کي ساڙي ڪارو ڪٽ ڪندڙ آهي ﴿۲۹﴾ ان تي اڻويهه (فرشتا داروغا مقرر)

مَا جَعَلْنَاۤ اَصْحٰبَ النَّارِ اِلَّا مَلٰٓىِٕكَةً ۪ وَّ مَا جَعَلْنَا عِدَّتَهُمْ اِلَّا

آهن ﴿۳۰﴾ (جن مان هڪ جي طاقت به سڀني انسانن ۽ جنن کان گهڻي وڌيڪ آهي) ۽ اسان دوزخ تي داروغا به رڳو (سخت طاقتور ۽ ڪٺور
دل) فرشتا مقرر ڪيا آهن، (پوءِ اهي لعنتي ڪافر سندن مقابلو ڪيئن ڪندا، جيئن سندن بيهودي دعوىٰ آهي) ۽ اسان سندن ڳاڻاٽي

فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۙ لِيَسْتَيْقِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَ يَزْدَادَ

(جي گهٽتائي) کي رڳو ڪافرن لاءِ آزمائش (۽ گمراهيءَ جو سبب) ڪيو آهي، جيئن ڪتاب وارا يقين ڪن ۽ جن

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِيْمَانًا وَّ لَا يَرْتَابَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَ

ايمان آندو آهي، اهي ايمان ۾ وڌن ۽ جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي ۽ ايمان وارا شڪ نه ڪن ۽ جيئن چون اهي ماڻهو

الْمُؤْمِنُوْنَ ۙ وَ لِيَقُوْلَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّ الْكٰفِرُوْنَ

جن جي دلين ۾ (شڪ ۽ نفاق جي) بيماري آهي ۽ جيڪي ڪافر آهن ته هن مثال (۽ هن ڳاڻاٽي) سان الله جو ڪهڙو

مَاذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا مَثَلًا ؕ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ

مقصد آهي؟ اهڙيءَ طرح الله جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي گمراه ڪندو آهي ۽ جنهن کي گهرندو آهي،

وَيَهْدِىْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَا يَعْلَمُ جُنُوْدَ رَبِّكَ اِلَّا هُوَ ؕ وَمَا هِىَ

تنهن کي هدايت عطا ڪندو آهي ۽ تنهنجي ربّ جي لشڪرن کي الله کان سواءِ ڪو به نٿو ڄاڻي ۽ اهي (قرآن جون

ع ١٤ اِلَّا ذِكْرٰى لِلْبَشَرِ ﴿٣١﴾ كَلَّا وَالْقَمَرِ ﴿٣٢﴾ وَالَّيْلِ اِذْ اَدْبَرَ ﴿٣٣﴾ وَالصُّبْحِ

آيتون) رڳو ماڻهن جي لاءِ نصيحت آهن ﴿٣١﴾ هرگز (ائين) نه آهي، (جيئن منڪر ماڻهو خيال ڪن ٿا.) ۽ قسم آهي
چنڊ جو ﴿٣٢﴾ ۽ قسم آهي رات جو، جڏهن اها پٺي ڦيرائيندي آهي ﴿٣٣﴾ ۽ قسم آهي صبح جو، جڏهن اها روشن

اِذَآ اَسْفَرَ ﴿٣٤﴾ اِنَّهَا لَاِحْدَى الْكُبَرِ ﴿٣٥﴾ نَذِيْرًا لِّلْبَشَرِ ﴿٣٦﴾ لِمَنْ شَآءَ

ٿيندي آهي ﴿٣٤﴾ بيشڪ اهو (جهنم) وڏين (مصيبتن) مان هڪڙي (مصيبت) آهي ﴿٣٥﴾ ماڻهوءَ جي لاءِ ڊيڄاريندڙ

مِنْكُمْ اَنْ يَّتَقَدَّمَ اَوْ يَتَاَخَّرَ ﴿٣٧﴾ كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ رَهِيْنَةٌ ﴿٣٨﴾

آهي ﴿٣٦﴾ (اي ڪافرو!) جيڪو توهان مان چاهي اڳتي وڌي (يعني ايمان آڻي ۽ ڀلائيون ڪري)، يا (انهن ڪمن کان) پوئتي
رهي ﴿٣٧﴾ هر هڪ شخص پنهنجن عملن جي بدلي ۾ (الله تعاليٰ وٽ) گروي رکيل آهي ﴿٣٨﴾ سواءِ ساڄي پاسي وارن

مع عند المتقدمين اِلَّآ اَصْحٰبَ الْيَمِيْنِ ﴿٣٩﴾ فِىْ جَنّٰتٍ ۛ يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿٤٠﴾ عَنِ

جي، (جن پاڻ کي عذاب کان بچائي ورتو.) ﴿٣٩﴾ (اهي ٿي ماڻهو) جنتن ۾ هوندا. پڇا ڪندا ﴿٤٠﴾ ڏوهارين (يعني

الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٤١﴾ مَا سَلَكَكُمْ فِىْ سَقَرَ ﴿٤٢﴾ قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ

ڪافرن) کان ﴿٤١﴾ ته توهان کي ڪهڙي شيءِ دوزخ ۾ آندو؟ ﴿٤٢﴾ (دوزخي) چوندا ته اسين نمازي نه هئاسون ﴿٤٣﴾ ۽

الْمُصَلِّيْنَ ﴿٤٣﴾ وَلَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ ﴿٤٤﴾ وَكُنَّا نَخُوْضُ مَعَ

مسڪينن کي کاڌو نه کارائيندا هئاسون ﴿٤٤﴾ ۽ باطل وارن سان (گڏجي حق کان) انڪار ڪندا هئاسون ﴿٤٥﴾ ۽

الْخَآئِضِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَكُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٤٦﴾ حَتّٰىٓ اَتٰىنَا الْيَقِيْنُ ﴿٤٧﴾

بدلي جي ڏينهن (يعني قيامت) کي ڪوڙو ڪندا هئاسون ﴿٤٦﴾ تانجو اسان تي يقين (يعني موت) اچي ويو ﴿٤٧﴾

فَمَا تَنْفَعُهُمْ شَفَاعَةُ الشّٰفِعِيْنَ ؕ﴿۴۸﴾ فَمَا لَهُمْ عَنِ التَّذْكِرَةِ

پوءِ شفاعت ڪندڙن جي شفاعت کين فائدو نه ڏيندي ﴿۴۸﴾ پوءِ انهن (ڪافرن) کي ڇا ٿيو آهي، جو نصيحت (يعني قرآن)

مُعْرِضِيْنَ ۙ﴿۴۹﴾ كَاَنَّهُمْ حُمُرٌ مُّسْتَنْفِرَةٌ ۙ﴿۵۰﴾ فَرَّتْ مِنْ قَسْوَرَةٍ ؕ﴿۵۱﴾ بَلْ

کان منهن موڙين ٿا ﴿۴۹﴾ ڄڻ ته اهي ٿاهه ڪائيندڙ گڏهه آهن ﴿۵۰﴾ جيڪي شينهن (يا شڪارين) کان ڀڄا هجن ﴿۵۱﴾ بلڪ

يُرِيْدُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّؤْتٰى صُحُفًا مُّنَشَّرَةً ۙ﴿۵۲﴾ كَلَّا ؕ بَلْ

انهن مان هر هڪ ماڻهو گهري ٿو ته اسان جي طرفان) ڪيس کليل ڪتاب ڏنا وڃن، (جن ۾ تنهنجي پيروي ڪرڻ جو حڪم هجي.) ﴿۵۲﴾ هرگز ائين نه آهي، (جيئن اهي گهرن ٿا)، بلڪ اهي آخرت کان نٿا ڊڄن ﴿۵۳﴾ هرگز ائين نه آهي! هيءُ

لَّا يَخَافُوْنَ الْاٰخِرَةَ ؕ﴿۵۳﴾ كَلَّآ اِنَّهٗ تَذْكِرَةٌ ۚ﴿۵۴﴾ فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ ؕ﴿۵۵﴾ وَمَا

(قرآن) هڪ نصيحت آهي ﴿۵۴﴾ پوءِ جيڪو چاهي، نصيحت وٺي ﴿۵۵﴾ ۽ اهي ڪيئن نصيحت وٺندا، مگر هيءُ ته الله گهري.

يَذْكُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ هُوَ اَهْلُ التَّقْوٰى وَاَهْلُ الْمَغْفِرَةِ ﴿۵۶﴾ ع ٢٥ ١٦

اهو (الله ئي هن لائق) آهي ته (سندس نافرمانيءَ کان) بچجي ۽ اهوئي بخشڻهار ۽ مهربان (مالڪ) آهي ﴿۵۶﴾

اٰيَاتُهَا ۴۰ — (۷۵) سُوْرَةُ الْقِيٰمَةِ مَكِّيَّةٌ (۳۱) — رُكُوْعَاتُهَا ۲

سورة القيامة مڪي آهي. هن ۾ چاليهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

عظيم ۽ قديم، رزق ڏيندڙ، ڪريم ذات، الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو.

لَآ اُقْسِمُ بِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۙ﴿۱﴾ وَلَآ اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ اللَّوَّامَةِ ؕ﴿۲﴾

قيامت جي ڏينهن جو قسم کڻان ٿو ﴿۱﴾ ۽ ملامت ڪندڙ نفس جو قسم کڻان ٿو (ته بيشڪ توهان کي وري جياريو ويندو) ﴿۲﴾

اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَلَّنْ نَّجْمَعَ عِظَامَهٗ ؕ﴿۳﴾ بَلٰى قٰدِرِيْنَ عَلٰٓى اَنْ

ڇا انسان ڀانئي ٿو ته هرگز سندس هڏين کي گڏ نه ڪري سگهنداسون ﴿۳﴾ هائو! اسين وس وارا آهيون ته سندس

نُّسَوِّيَ بَنَانَهٗ ﴿٤﴾ بَلْ يُرِيْدُ الْاِنْسَانُ لِيَفْجُرَ اَمَامَهٗ ﴿٥﴾ يَسْـَٔلُ اَيَّانَ

آڱرين جي سَنڌَن کي ٺاهيون ﴿٤﴾ بلڪ انسان چاهي ٿو تہ پنهنجي اڳيان ايندڙ (قيامت جو) انڪار ڪري ﴿٥﴾ (انڪار

يَوْمُ الْقِيٰمَةِ ﴿٦﴾ فَاِذَا بَرِقَ الْبَصَرُ ﴿٧﴾ وَخَسَفَ الْقَمَرُ ﴿٨﴾ وَجُمِعَ الشَّمْسُ

ڪندي) پڇي ٿو تہ قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ايندو؟ ﴿٦﴾ پوءِ جڏهن اکيون (حيران ٿي) اچيون ٿي وينديون ﴿٧﴾ ۽ چنڊ

وَالْقَمَرُ ﴿٩﴾ يَقُوْلُ الْاِنْسَانُ يَوْمَئِذٍ اَيْنَ الْمَفَرُّ ﴿١٠﴾ كَلَّا لَا وَزَرَ ﴿١١﴾

بي نور ٿي ويندو ﴿٨﴾ ۽ (اولهہ کان سج جي اڀرڻ جي وقت) چنڊ ۽ سج (ٻنهي) کي گڏ ڪيو ويندو ﴿٩﴾ انهيءَ ڏينهن انسان
چوندو تہ اڄ ڀڄڻ جي جاءِ (۽ واٽ) ڪٿي آهي ؟ ﴿١٠﴾ هرگز نہ ! انهيءَ ڏينهن ڀڄڻ جي ڪا جاءِ نہ هوندي ﴿١١﴾ اڄ (حساب

اِلٰى رَبِّكَ يَوْمَئِذِ ِۨالْمُسْتَقَرُّ ﴿١٢﴾ يُنَبَّؤُا الْاِنْسَانُ يَوْمَئِذٍ ۢبِمَا قَدَّمَ وَ

لاءِ) تنهنجي ربّ وٽ ويهڻ جي جاءِ آهي ﴿١٢﴾ جيڪي (عملَ آخرت لاءِ) اڳڀرا ڪيائين ۽ جيڪي پوئتي ڇڏيائين، اڄ

اَخَّرَ ﴿١٣﴾ بَلِ الْاِنْسَانُ عَلٰى نَفْسِهٖ بَصِيْرَةٌ ﴿١٤﴾ وَّلَوْ اَلْقٰى

انسان کي انهن جي خبر ڏني ويندي ﴿١٣﴾ بلڪ (اڄ) انساني (عضوا) سندس خلاف شاهدي ڏيندا ﴿١٤﴾ ۽ جيتوڻيڪ

مَعَاذِيْرَهٗ ﴿١٥﴾ لَا تُحَرِّكْ بِهٖ لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ بِهٖ ﴿١٦﴾ اِنَّ عَلَيْنَا

پنهنجا عذر آڻي (۽ جهڳڙو بہ ڪري، پر ڪو فائدو نہ ٿيندس) ﴿١٥﴾ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) قرآن کي (ياد ڪرڻ) لاءِ زبان کي جلدي

جَمْعَهٗ وَقُرْاٰنَهٗ ﴿١٧﴾ فَاِذَا قَرَاْنٰهُ فَاتَّبِعْ قُرْاٰنَهٗ ﴿١٨﴾ ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا

نہ چور ﴿١٦﴾ بيشڪ (تنهنجي دل ۾) ان جو جمع ڪرڻ ۽ ان کي پڙهائڻ اسان تي ٿي آهي ﴿١٧﴾ پوءِ جڏهن (جبريل عليه السلام
جي زباني) ان کي پڙهايون تہ ان جي پڙهڻ جي پيروي ڪر. ﴿١٨﴾ پوءِ بيشڪ ان کي بيان ڪرڻ بہ اسان تي ٿي آهي ﴿١٩﴾

بَيَانَهٗ ﴿١٩﴾ كَلَّا بَلْ تُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ ﴿٢٠﴾ وَتَذَرُوْنَ الْاٰخِرَةَ ﴿٢١﴾

(اي محمد ﷺ! ڪافرن کي فرماءِ تہ) بلڪ دراصل توهان دنيا جي محبت رکو ٿا ﴿٢٠﴾ ۽ آخرت کي ڇڏيو ڏيو ٿا ﴿٢١﴾ انهيءَ

وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاضِرَةٌ ﴿٢٢﴾ اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ ﴿٢٣﴾ وَوُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ

ڏينهن گهڻا منهن روشن ۽ تازا هوندا ﴿٢٢﴾ پنهنجي ربّ ڏانهن نهاريندڙ هوندا ﴿٢٣﴾ ۽ ڪي منهن انهيءَ ڏينهن ڪارا ۽

بَاسِرَةٌ ۙ﴿۲۴﴾ تَظُنُّ اَنۡ یُّفۡعَلَ بِهَا فَاقِرَةٌ ﴿۲۵﴾ؕ كَلَّاۤ اِذَا بَلَغَتِ

غمگين هوندا ﴿۲۴﴾ يقين ٿي ويندن ته ساڻن ڀنيءَ ٽوڙ معاملو ڪيو ويندو ﴿۲۵﴾ هرگز نه! جڏهن ساهه نڙگهٽ تي

التَّرَاقِیَ ۙ﴿۲۶﴾ وَ قِیۡلَ مَنۡ ٜ رَاقٍ ۙ﴿۲۷﴾ وَّ ظَنَّ اَنَّهُ الۡفِرَاقُ ۙ﴿۲۸﴾ وَ الۡتَفَّتِ

پهچندو ﴿۲۶﴾ ۽ چيو ويندو ته آهي ڪير ڦيڻو رکندڙ (جيڪو متس ڦيڻو رکي؟) ﴿۲۷﴾ ۽ (فوتيءَ ڪي) يقين ٿي ويندو ته

السَّاقُ بِالسَّاقِ ۙ﴿۲۹﴾ اِلٰی رَبِّكَ یَوۡمَئِذِ ۣالۡمَسَاقُ ﴿۳۰﴾ؕع فَلَا صَدَّقَ وَ

هيءُ (دنيا ۽ ٻارن ٻچن ۽ مال متاع کان) جدائيءَ (جو وقت) آهي ﴿۲۸﴾ ۽ انهيءَ ڏينهن پني، پنيءَ سان وچڙندي (يعني ڪفن، دفن جو انتظام ٿيندو يا سختي مٿان سختي ايندي.) ﴿۲۹﴾ (روح لاءِ) اهو ڏينهن تنهنجي ربّ ڏانهن هلڻ جو هوندو ﴿۳۰﴾ پوءِ

لَا صَلّٰی ۙ﴿۳۱﴾ وَ لٰكِنۡ كَذَّبَ وَ تَوَلّٰی ۙ﴿۳۲﴾ ثُمَّ ذَهَبَ اِلٰۤی اَهۡلِهٖ

(ابوجهل) نه (قرآن جي) تصديق ڪئي ۽ نه نماز پڙهيائين ﴿۳۱﴾ ۽ پر (حضرت محمد ﷺ جن) کي ڪوڙو ڪيائين ۽ (ايمان ڪان) منهن قيرايائين ﴿۳۲﴾ پوءِ پنهنجي گهر (۽ قوم) وارن ڏانهن (پنهنجي ڪوڙي ڪرڻ تي) آڪڙجي آيو ﴿۳۳﴾ (اي ابوجهل!)

یَتَمَطّٰی ﴿۳۳﴾ؕ اَوۡلٰی لَكَ فَاَوۡلٰی ۙ﴿۳۴﴾ ثُمَّ اَوۡلٰی لَكَ فَاَوۡلٰی ﴿۳۵﴾ؕ اَیَحۡسَبُ

توتي افسوس، وري توتي افسوس آهي ﴿۳۴﴾ پوءِ توتي افسوس، وري توتي افسوس آهي ﴿۳۵﴾ ڇا انسان ڀانئي

الۡاِنۡسَانُ اَنۡ یُّتۡرَكَ سُدًی ﴿۳۶﴾ؕ اَلَمۡ یَكُ نُطۡفَةً مِّنۡ مَّنِیٍّ

ٿو ته (دنيا ۾ امر ۽ نهي ۽ آخرت ۾ حساب ۽ سزا کان سواءِ) ڪيس بيڪار ڇڏي ڏنو ويندو ﴿۳۶﴾ ڇا اهو منيءَ هڪڙو جو ڦڙو

یُّمۡنٰی ۙ﴿۳۷﴾ ثُمَّ كَانَ عَلَقَةً فَخَلَقَ فَسَوّٰی ۙ﴿۳۸﴾ فَجَعَلَ مِنۡهُ الزَّوۡجَیۡنِ

نه هو، جيڪو (ماءُ جي رحم ۾) ٽيڪايو ويندو آهي ﴿۳۷﴾ پوءِ (ڦري) جميل رت ٿي پوندو آهي. پوءِ ڪيس خلقي (سندس

الذَّكَرَ وَ الۡاُنۡثٰی ﴿۳۹﴾ؕ اَلَیۡسَ ذٰلِكَ بِقٰدِرٍ عَلٰۤی اَنۡ یُّحۡیِ َ

جسم ڪي) برابر ڪيائين ﴿۳۸﴾ پوءِ آدميءَ کي مرد ۽ عورت ڪيائين ﴿۳۹﴾ ڇا اهو (الله) هن ڳالهه تي قدرت رکندڙ نه

الۡمَوۡتٰی ﴿۴۰﴾ع

آهي ته (قيامت جي ڏينهن) مئن کي جياري؟ ﴿۴۰﴾

اٰيَاتُهَا ۳۱ (۷۶) سُوْرَةُ الدَّهْرِ مَكِّيَّةٌ (۹۸) رُكُوْعَاتُهَا ۲

سورة الدهر مڪي آهي. هن ۾ ايڪٽيهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عزت جو مالڪ، جان بخشيندڙ ۽ نجات ڏيندڙ آهي.

هَلْ اَتٰى عَلَى الْاِنْسَانِ حِيْنٌ مِّنَ الدَّهْرِ لَمْ يَكُنْ شَيْـًٔا مَّذْكُوْرًا ① اِنَّا

(بيشڪ) انسان تي زماني جو هڪڙو (اهڙو) وقت آيو آهي، جو اهو ذڪر جوڳي ڪا شيءِ نه هو ① بيشڪ اسان

خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ اَمْشَاجٍ ۖ نَّبْتَلِيْهِ فَجَعَلْنٰهُ سَمِيْعًا

انسان کي (مرد ۽ عورت جي) گڏيل نطفي مان پيدا ڪيو، جيئن ڪيس آزمايون. پوءِ ڪيس ڏسندڙ، ٻڌندڙ

بَصِيْرًا ② اِنَّا هَدَيْنٰهُ السَّبِيْلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّاِمَّا كَفُوْرًا ③ اِنَّآ

ڪيوسون ② بيشڪ اسان ڪيس رستو ڏيکاري ڇڏيو آهي، يا شڪر گذاري ڪري يا ناشڪرو (۽ ڪافر) ٿئي ③

اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ سَلٰسِلَا۟ وَاَغْلٰلًا وَّسَعِيْرًا ④ اِنَّ الْاَبْرَارَ

بيشڪ اسان ڪافرن لاءِ زنجيرون ۽ ڳٽ ۽ ساڙيندڙ (۽ پڙڪندڙ) باهه تيار ڪري ڇڏي آهي ④ بيشڪ نيڪ ماڻهو ڪافور

يَشْرَبُوْنَ مِنْ كَاْسٍ كَانَ مِزَاجُهَا كَافُوْرًا ⑤ عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا

مليل (چشمي مان پاڻي) جا پيالا پيئندا ⑤ اهو هڪ چشمو آهي، جنهن جو پاڻي (شراب ۾ ملائي) الله جا ٻانها

عِبَادُ اللّٰهِ يُفَجِّرُوْنَهَا تَفْجِيْرًا ⑥ يُوْفُوْنَ بِالنَّذْرِ وَيَخَافُوْنَ

(يعني اولياءَ الله) پيئندا. ان مان جتي ٻه گهرندا نهرون جاري ڪندا ⑥ (اهي نيڪ ٻانها جيڪي پنهنجي) نذر نياز

يَوْمًا كَانَ شَرُّهٗ مُسْتَطِيْرًا ⑦ وَيُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ

پوري ڪن ٿا ۽ انهيءَ ڏينهن (جي عذاب) کان ڊڄن ٿا، جنهن جي برائي هر طرف ڇانيل هوندي ⑦ ۽ (جيڪي الله

مِسْكِيْنًا وَّ يَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا ⑧ اِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللّٰهِ لَا نُرِيْدُ

جي) محبت جي ڪري (پاڻ حاجتمند ۽ خواهشمند هجڻ جي باوجود) مسڪينن ۽ يتيمن ۽ قيدين کي کاڌو کارائين ٿا ⑧
(چون ٿا ته) دراصل اسين توهان کي الله جي رضامندي جي غرض سان کارايون ٿا. نه توهان کان بدلي جا

مِنْكُمْ جَزَآءً وَّلَا شُكُوْرًا ⑨ اِنَّا نَخَافُ مِنْ رَّبِّنَا يَوْمًا عَبُوْسًا

طالب آهيون ۽ نه شڪر گذاريءَ جا ⑨ بيشڪ اسين پنهنجي ربّ کان، ان ڏينهن (جي عذاب) کان ڊڄي رهيا آهيون،

قَمْطَرِيْرًا ⑩ فَوَقٰىهُمُ اللّٰهُ شَرَّ ذٰلِكَ الْيَوْمِ وَلَقّٰىهُمْ نَضْرَةً وَّ

جيڪو (بدبختن لاءِ) ڏاڍو هاڃيڪار آهي ⑩ پوءِ الله کين انهيءَ ڏينهن جي برائيءَ کان بچايو ۽ کين تازگي ۽ خوشي

سُرُوْرًا ⑪ج وَجَزٰىهُمْ بِمَا صَبَرُوْا جَنَّةً وَّحَرِيْرًا ⑫لا مُّتَّكِـِٕيْنَ

بخشيائين ⑪ ۽ کين (قرباني ۽ تڪليف تي) صبر ڪرڻ جي بدلي ۾ جنت ڏنائين، (جنهن جي صفت بيان کان ٻاهر
آهي) ۽ ريشمي لباس عطا ڪيائين، (جنهن جي سونهن ڏسي اکيون عاجز اينديون ۽ جهڪيون ٿي وينديون.) ⑫

فِيْهَا عَلَى الْاَرَآئِكِ ج لَا يَرَوْنَ فِيْهَا شَمْسًا وَّلَا زَمْهَرِيْرًا ⑬ج وَ

اهي اتي سينگاريل تختن جي مٿان ٽيڪ ڏئي ويهندا، ان ۾ نه ڪا اس ڏسندا ۽ نه ڪي سردي سهندا ⑬ ۽

دَانِيَةً عَلَيْهِمْ ظِلٰلُهَا وَذُلِّلَتْ قُطُوْفُهَا تَذْلِيْلًا ⑭ وَيُطَافُ

مٿن وڻن جا پاڇا ڇانيل هوندا ۽ سندن لاءِ انهن جا ميوا (پٽڻ لاءِ بلڪل) ويجها ڪيا ويندا ⑭ ۽ انهن وٽ

عَلَيْهِمْ بِاٰنِيَةٍ مِّنْ فِضَّةٍ وَّاَكْوَابٍ كَانَتْ قَوَارِيْرَا۠ ⑮لا

(خدمتگذار) چانديءَ جا ٿانو ۽ (لفظ ڪُن سان ٺهيل) شيشي جا پريل گلاس کڻي گهمندا ⑮ چانديءَ جا

قَوَارِيْرَا۠ مِنْ فِضَّةٍ قَدَّرُوْهَا تَقْدِيْرًا ⑯ وَيُسْقَوْنَ فِيْهَا

(گلاس جيڪي بلڪل صاف شفاف هوندا ۽) ٺيڪ ٺيڪ انداز سان (پيئڻ ۽ پيارڻ جي ضرورت مطابق) ٺهيل هوندا ⑯ ۽

كَاْسًا كَانَ مِزَاجُهَا زَنْجَبِيْلًا ⑰ج عَيْنًا فِيْهَا تُسَمّٰى

اتي کين شراب جا پيالا پياريا ويندا، جنهن ۾ سُنڍ مليل هوندي ⑰ (جيڪو) جنت جو هڪڙو چشمو آهي، جنهن

قرء حفص بغير الالف في الوصل فيهما ووقف على الاول بالالف وعلى الثاني بغير الالف

سَلْسَبِيْلًا ﴿١٨﴾ وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ ۚ اِذَا رَاَيْتَهُمْ

جو نالو سلسبيل آهي ﴿١٨﴾ ۽ انهن جي چوڌاري سدائين رهندڙ ڇوڪرا گهمندا ڦرندا. جڏهن کين نهاريندين تہ

حَسِبْتَهُمْ لُؤْلُؤًا مَّنْثُوْرًا ﴿١٩﴾ وَاِذَا رَاَيْتَ ثَمَّ رَاَيْتَ نَعِيْمًا وَّ

انهن کي پکڙيل موتي پائيندين ﴿١٩﴾ ۽ (جنت ۾) جڏهن نهاريندين ۽ وري ڏسندين تہ (اتي هر طرف عظيم

مُلْكًا كَبِيْرًا ﴿٢٠﴾ عٰلِيَهُمْ ثِيَابُ سُنْدُسٍ خُضْرٌ وَّاِسْتَبْرَقٌ ز وَّحُلُّوْٓا

الشان) نعمتون ئي نعمتون ۽ وڏي بادشاهي ڏسندين، (ايستائين جو گهٽ ۾ گهٽ درجي وارو جنتي بہ پنهنجي سلطنت
کي هزار سالن جي مفاصلي تي مشتمل ڏسندو.) ﴿٢٠﴾ کين سنهي ريشم جا ساوا ۽ ٿلهي ريشم جا ڪپڙا پاتل هوندا ۽

اَسَاوِرَ مِنْ فِضَّةٍ ۚ وَسَقٰىهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا ﴿٢١﴾ اِنَّ هٰذَا

کين چانديءَ جا ڪنگڻ پارايا ويندا ۽ کين سندن ربّ، (پاڻ) پاڪ شراب پياريندو ﴿٢١﴾ (کين چيو ويندو تہ)

ع كَانَ لَكُمْ جَزَآءً وَّكَانَ سَعْيُكُمْ مَّشْكُوْرًا ﴿٢٢﴾ ع اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا

بيشڪ هيءُ آهي توهان جو بدلو ۽ توهان جون ڪوششون قبول پيل آهن ﴿٢٢﴾ بيشڪ اسان ئي توتي قرآن

عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ تَنْزِيْلًا ﴿٢٣﴾ ۚ فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَلَا تُطِعْ مِنْهُمْ

نازل ڪيو آهي، ڇڱيءَ طرح نازل ڪرڻ ﴿٢٣﴾ پوءِ پنهنجي ربّ جي حڪم تي صبر سان (قائم رهہ) ۽ انهن مان ڪنهن

اٰثِمًا اَوْ كَفُوْرًا ﴿٢٤﴾ ۚ وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ﴿٢٥﴾ ۖ وَمِنَ

گنهگار ۽ ناشڪري شخص (يعني عتبه ۽ ربيعه) جو چيو نہ مڃ ﴿٢٤﴾ ۽ صبح ۽ شام پنهنجي ربّ جو نالو ياد ڪر ﴿٢٥﴾ ۽ رات جو

الَّيْلِ فَاسْجُدْ لَهٗ وَسَبِّحْهُ لَيْلًا طَوِيْلًا ﴿٢٦﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ يُحِبُّوْنَ

پڻ کيس سجدو ڪر ۽ رات ديرتائين سندس پاڪائي بيان ڪر ﴿٢٦﴾ بيشڪ اهي (مڪي جا ڪافر) دنيا کي چاهين

الْعَاجِلَةَ وَيَذَرُوْنَ وَرَآءَهُمْ يَوْمًا ثَقِيْلًا ﴿٢٧﴾ نَحْنُ خَلَقْنٰهُمْ وَ

ٿا ۽ پنهنجي پويان هڪڙي سخت ڏينهن (يعني قيامت) کي ڇڏي ڏين ٿا ﴿٢٧﴾ بيشڪ اسان ئي کين پيدا ڪيو ۽

شَدَدۡنَاۤ اَسۡرَهُمۡ ۚ وَاِذَا شِئۡنَا بَدَّلۡنَاۤ اَمۡثَالَهُمۡ تَبۡدِيۡلًا ﴿۲۸﴾

اسان ئي سندن سَنڌن کي مضبوط ڪيو آهي ۽ جڏهن چاهيون ته ڪين مڪمل نمونـي بدلائي انهن جهڙا ٻيا آڻيون ﴿۲۸﴾

اِنَّ هٰذِهٖ تَذۡكِرَةٌ ۚ فَمَنۡ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيۡلًا ﴿۲۹﴾ وَ

بيشڪ هيءَ (سورت مخلوق لاءِ) هڪڙي نصيحت آهي، پوءِ جيڪو گهري، پنهنجي ربّ ڏانهن (سڌي) واٽ وٺي ﴿۲۹﴾

مَا تَشَآءُوۡنَ اِلَّاۤ اَنۡ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيۡمًا حَكِيۡمًا ﴿۳۰﴾ صلے ق

۽ توهان ڇا گهرندا، مگر هيءُ ته الله چاهي. بيشڪ الله تعاليٰ ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ﴿۳۰﴾

يُّدۡخِلُ مَنۡ يَّشَآءُ فِىۡ رَحۡمَتِهٖ ؕ وَالظّٰلِمِيۡنَ اَعَدَّ لَهُمۡ عَذَابًا اَلِيۡمًا ﴿۳۱﴾ ع ۲

جنهن کي چاهي ٿو، پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ان ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪري ڇڏيو آهي ﴿۳۱﴾

اٰيَاتُهَا ۵۰ (۷۷) سُوۡرَةُ الۡمُرۡسَلٰتِ مَكِّيَّةٌ (۳۳) رُكُوۡعَاتُهَا ۲

سورة المرسلات مڪي آهي. هن ۾ پنجاهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

وَالۡمُرۡسَلٰتِ عُرۡفًا ۙ﴿۱﴾ فَالۡعٰصِفٰتِ عَصۡفًا ۙ﴿۲﴾ وَّالنّٰشِرٰتِ

لڳاتار موڪليل هوائن جو قسم آهي ﴿۱﴾ وري زوردار هوائن جو قسم آهي ﴿۲﴾ ۽ ڪڪرن کي پکيڙيندڙ هوائن جو قسم

نَشۡرًا ۙ﴿۳﴾ فَالۡفٰرِقٰتِ فَرۡقًا ۙ﴿۴﴾ فَالۡمُلۡقِيٰتِ ذِكۡرًا ۙ﴿۵﴾ عُذۡرًا اَوۡ

آهي ﴿۳﴾ پوءِ جدا ڪندڙ هوائن جو قسم آهي ﴿۴﴾ پوءِ (نبين ڏانهن) ذڪر (۽ حقّ کي) آڻيندڙ (ملائڪن) جو قسم آهي ﴿۵﴾

نُذۡرًا ۙ﴿۶﴾ اِنَّمَا تُوۡعَدُوۡنَ لَوَاقِعٌ ؕ﴿۷﴾ فَاِذَا النُّجُوۡمُ طُمِسَتۡ ۙ﴿۸﴾ وَاِذَا السَّمَآءُ

(خلق خدا جي) عذر کي (ختم ڪرڻ جي لاءِ) يا ڊيڄارڻ جي لاءِ ﴿۶﴾ بيشڪ (قيامت جي باري ۾) توهان سان جيڪو وعدو ڪيو
وڃي ٿو، اهو ضرور واقع ٿيڻو آهي ﴿۷﴾ پوءِ جڏهن تارن کي بي نور ڪيو ويندو ﴿۸﴾ ۽ جڏهن آسمان کي چيريو ويندو ﴿۹﴾ ۽

فُرِجَتْ ۙ﴿٩﴾ وَاِذَا الْجِبَالُ نُسِفَتْ ۙ﴿١٠﴾ وَاِذَا الرُّسُلُ اُقِّتَتْ ۭ﴿١١﴾ لِاَيِّ يَوْمٍ

جڏهن جبلن کي اڏاريو ويندو ﴿١٠﴾ ۽ جڏهن رسولن کي مقرر وقت تي آندو ويندو (ته جيئن قيامت ۾ پنهنجي شاهدي

اُجِّلَتْ ۭ﴿١٢﴾ لِيَوْمِ الْفَصْلِ ﴿١٣﴾ۚ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الْفَصْلِ ﴿١٤﴾ۭ وَيْلٌ يَّوْمَىِٕذٍ

ڏين.) ﴿١١﴾ ڪهڙي ڏينهن لاءِ دير ڪئي وڃي ٿي؟ ﴿١٢﴾ (مخلوق جي) فيصلي جي ڏينهن لاءِ ﴿١٣﴾ ۽ توکي ڪهڙي خبر ته

لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٥﴾ اَلَمْ نُهْلِكِ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٦﴾ۭ ثُمَّ نُتْبِعُهُمُ الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٧﴾ كَذٰلِكَ نَفْعَلُ

فيصلي جو ڏينهن ڇا آهي؟ ﴿١٤﴾ انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪندڙن جي لاءِ خرابي آهي ﴿١٥﴾ ڇا اسين (ڪوڙو ڪندڙ) اڳين قومن کي
هلاڪ ڪري نه چڪا آهيون؟ ﴿١٦﴾ پوءِ انهن جي جاءِ تي پوين کي آڻيون ٿا (۽ هلاڪ ڪريون ٿا.) ﴿١٧﴾ اسين ڏوهارين (۽ ڪافرن) سان

بِالْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٨﴾ وَيْلٌ يَّوْمَىِٕذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٩﴾ اَلَمْ نَخْلُقْكُّمْ مِّنْ مَّاۗءٍ

ائين ئي ڪندا آهيون ﴿١٨﴾ انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪندڙن لاءِ خرابي آهي ﴿١٩﴾ ڇا اسان توهان کي خسيس پاڻي

مَّهِيْنٍ ﴿٢٠﴾ۙ فَجَعَلْنٰهُ فِيْ قَرَارٍ مَّكِيْنٍ ﴿٢١﴾ۙ اِلٰى قَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٢٢﴾ۙ فَقَدَرْنَا ۖ

(يعني نطفي) مان پيدا نه ڪيو؟ ﴿٢٠﴾ پوءِ ڪيس مضبوط ۽ محفوظ جاءِ (يعني ماءُ جي رِحم) ۾ رکيوسون ﴿٢١﴾ هڪ مقرر مدّت

فَنِعْمَ الْقٰدِرُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَيْلٌ يَّوْمَىِٕذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٢٤﴾ اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ

(يعني ڄمڻ جي ڏينهن) تائين ﴿٢٢﴾ پوءِ (توهان جي پيدا ٿيڻ جي وقت جو) اندازو ڪيوسون. پوءِ اسين ڪهڙو نه چڱو اندازو مقرر
ڪندڙ آهيون ﴿٢٣﴾ انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪندڙن لاءِ خرابي آهي ﴿٢٤﴾ ڇا اسان زمين کي (خلق جي لاءِ) سهيڙيندڙ ۽ ڳڏ

كِفَاتًا ﴿٢٥﴾ۙ اَحْيَاۗءً وَّاَمْوَاتًا ﴿٢٦﴾ۙ وَّجَعَلْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ شٰمِخٰتٍ وَّاَسْقَيْنٰكُمْ

ڪندڙ نه ڪيو آهي؟ ﴿٢٥﴾ جيئرن ۽ مئن جي لاءِ ﴿٢٦﴾ ۽ هِن (زمين ۾) وڏا وڏا جبل رکياسون ۽ توهان کي اڃ لاهيندڙ

مَّاۗءً فُرَاتًا ﴿٢٧﴾ۭ وَيْلٌ يَّوْمَىِٕذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٢٨﴾ اِنْطَلِقُوْٓا اِلٰى مَا كُنْتُمْ بِهٖ

(مِٺو) پاڻي پياريوسون (يقيناً پيهر جيارڻ جي ڀيٽ ۾ اهي ڪم وڏيڪ عجب جوڳا آهن.) ﴿٢٧﴾ انهيءَ ڏينهن ڪوڙو
ڪندڙن جي لاءِ خرابي آهي ﴿٢٨﴾ (ڪوڙو ڪندڙن کي چيو ويندو ته هاڻي) هِن (دوزخ) ڏانهن هلو، جنهن کي (دنيا ۾

تُكَذِّبُوْنَ ﴿٢٩﴾ۚ اِنْطَلِقُوْٓا اِلٰى ظِلٍّ ذِيْ ثَلٰثِ شُعَبٍ ﴿٣٠﴾ۙ لَّا ظَلِيْلٍ وَّلَا يُغْنِيْ

توهان) ڪوڙو ڪندا هئا ﴿٢٩﴾ ٽن شاخن واري ڇانوَ (يعني جهنم) ڏانهن هلو ﴿٣٠﴾ اهڙي ڇانوَ جيڪا نه ٿڌي آهي ۽ نه

مِنَ اللَّهَبِ ﴿٣١﴾ اِنَّهَا تَرْمِيْ بِشَرَرٍ كَالْقَصْرِ ﴿٣٢﴾ كَاَنَّهٗ جِمٰلَتٌ صُفْرٌ ﴿٣٣﴾

منجهس باھ جي جيـيءَ کان بچاءُ آهي ﴿٣١﴾ بيشڪ اها ماڙين جيڏيون چڻنگون اڇلائي ٿي (يعني ان جي هر چڻنگ

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٤﴾ هٰذَا يَوْمُ لَا يَنْطِقُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَلَا يُؤْذَنُ لَهُمْ

وڏي ماڙيءَ جيڏي آهي.) ﴿٣٢﴾ چڻ ته اهي ڪڪڙا اُٺ آهن ﴿٣٣﴾ انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪندڙن جي لاءِ خرابي آهي ﴿٣٤﴾ هيءُ
اهو ڏينهن آهي، جنهن ۾ ڳالهائي نه سگهندا (يا ڳالهائڻ مان ڪين ڪو فائدو نه ٿيندو.) ﴿٣٥﴾ ۽ ڪين اجازت نه ڏني ويندي ته

فَيَعْتَذِرُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٧﴾ هٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ جَمَعْنٰكُمْ

عذر پيش ڪن ﴿٣٦﴾ انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪندڙن جي لاءِ خرابي آهي ﴿٣٧﴾ هيءُ (دوزخين ۽ جنتين ۾) فيصلي جو

وَالْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٨﴾ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ كَيْدٌ فَكِيْدُوْنِ ﴿٣٩﴾ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٠﴾ ع

ڏينهن آهي. توهان کي ۽ اڳين (ڪوڙو ڪندڙن، سڀني) کي گڏ ڪيوسون ﴿٣٨﴾ پوءِ جيڪڏهن توهان کي منهنجي
خلاف ڪا تدبير ڪرڻي آهي ته تدبير ڪريو ﴿٣٩﴾ انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪندڙن جي لاءِ خرابي آهي ﴿٤٠﴾

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ ظِلٰلٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿٤١﴾ وَّفَوَاكِهَ مِمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٤٢﴾ كُلُوْا

بيشڪ پرهيزگار (انهيءَ ڏينهن) ٿڌين ڇانون ۽ چشمن ۾ هوندا ﴿٤١﴾ ۽ ميون ۾ هوندا، جن جي خواهش ڪندا ﴿٤٢﴾ (ڪين

وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓــًٔۢا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٤٤﴾

چيو ويندو ته پنهنجن چڱن) عملن جي بدلي ۾ مزي سان کائو ۽ پيئو. (اهي چڱا عمل)، جيڪي (توهان دنيا
جي حياتيءَ ۾) ڪندا هئا ﴿٤٣﴾ بيشڪ اسين نيڪي ڪندڙن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون ﴿٤٤﴾ انهيءَ ڏينهن

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٥﴾ كُلُوْا وَتَمَتَّعُوْا قَلِيْلًا اِنَّكُمْ مُّجْرِمُوْنَ ﴿٤٦﴾

ڪوڙو ڪندڙن جي لاءِ خرابي آهي ﴿٤٥﴾ (اي ڪافرو! دنيا ۾) کائو ۽ ٿورو فائدو وٺو، بيشڪ توهين ڏوهاري آهيو ﴿٤٦﴾

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ ارْكَعُوْا لَا يَرْكَعُوْنَ ﴿٤٨﴾

انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪندڙن جي لاءِ خرابي آهي ﴿٤٧﴾ ۽ جڏهن کين چيو وڃي ٿو ته نماز پڙهو، ته نماز نٿا پڙهن ﴿٤٨﴾

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٩﴾ فَبِاَيِّ حَدِيْثٍۢ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع

انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪندڙن جي لاءِ خرابي آهي ﴿٤٩﴾ پوءِ هن (قرآن) کان بعد ڪهڙي ڳالهه تي ايمان آڻيندا؟ ﴿٥٠﴾

(٧٨) سُوْرَةُ النَّبَاِ مَكِّيَّةٌ (٨٠)

اٰيَاتُهَا ٤٠ — رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة النبا مکي آهي. هن ۾ چاليھ آيتون ۽ ٻہ رکوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

عَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ ۝١ عَنِ النَّبَاِ الْعَظِيْمِ ۝٢ الَّذِيْ هُمْ فِيْهِ

پاڻ ۾ (يا، رسول الله ﷺ جن کان يا مؤمنن کان) ڇا جي باري ۾ پڇن ٿا ① وڏي خبر (قيامت يا قرآن) جي باري ۾؟ ② جنهن

مُخْتَلِفُوْنَ ۝٣ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ۝٤ ثُمَّ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ۝٥ اَلَمْ نَجْعَلِ

جي باري ۾ (پاڻ ۾ يا مؤمنن سان) اختلاف ڪن ٿا ③ هرگز نہ سگهوئي ڄاڻندا ④ وري هرگز نہ! سگهوئي ڄاڻندا ⑤ ڇا نہ

الْاَرْضَ مِهٰدًا ۝٦ وَّالْجِبَالَ اَوْتَادًا ۝٧ وَّخَلَقْنٰكُمْ اَزْوَاجًا ۝٨

بڻايوسون زمين کي وڇاڻو؟ ⑥ ۽ جبلن کي (زمين لاءِ) ميخون ⑦ ۽ توهان کي جوڙو جوڙو (عورت ۽ مرد) ڪري

وَّجَعَلْنَا نَوْمَكُمْ سُبَاتًا ۝٩ وَّجَعَلْنَا الَّيْلَ لِبَاسًا ۝١٠ وَّجَعَلْنَا

پيدا (ڪيوسون) ⑧ ۽ ننڊ کي توهان لاءِ راحت بڻايوسون ⑨ ۽ رات کي (مخلوق لاءِ) پردو ڪيوسون ⑩ ۽ ڏينهن کي

النَّهَارَ مَعَاشًا ۝١١ وَّبَنَيْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعًا شِدَادًا ۝١٢ وَّجَعَلْنَا سِرَاجًا

توهان جي گذران جو ذريعو بڻايوسون ⑪ ۽ توهان جي مٿان ست مضبوط آسمان بڻاياسون ⑫ ۽ هڪ روشن ڏيئو

وَّهَّاجًا ۝١٣ وَّاَنْزَلْنَا مِنَ الْمُعْصِرٰتِ مَآءً ثَجَّاجًا ۝١٤ لِّنُخْرِجَ بِهٖ

(سج) رکيوسون ⑬ ۽ ڪڪرن مان زوردار پاڻي لاٿوسون ⑭ جيئن انهي (پاڻيءَ) سان اناج ۽ ٻوٽا

حَبًّا وَّنَبَاتًا ۝١٥ وَّجَنّٰتٍ اَلْفَافًا ۝١٦ اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ كَانَ مِيْقَاتًا ۝١٧

اپايون ⑮ ۽ گهاٽا باغ پيدا ڪياسون ⑯ بيشڪ فيصلي جو ڏينهن (عملن جي بدلي لاءِ) مقرر آهي ⑰

يَّوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ فَتَاْتُوْنَ اَفْوَاجًا ﴿١٨﴾ لا وَّفُتِحَتِ السَّمَآءُ

جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو. پوءِ توهان (ٽوليون ٽوليون) ٿي (محشر جي ميدان ۾) ايندا. (هر هڪ شخص پنهنجي پنهنجي صورت ۽ صفت سان ايندو، جنهن جي بيان ڪرڻ کان انسان عاجز آهي.) ﴿١٨﴾ ۽ آسمان کي کوليو ويندو،

فَكَانَتْ اَبْوَابًا ﴿١٩﴾ لا وَّسُيِّرَتِ الْجِبَالُ فَكَانَتْ سَرَابًا ﴿٢٠﴾ ط اِنَّ

پوءِ اهو دروازا ٿي پوندو ﴿١٩﴾ ۽ جبلن کي (ڪڪرن وانگر) هلايو ويندو، پوءِ رُج وانگر ٿي پوندا ﴿٢٠﴾ بيشڪ جهنم

جَهَنَّمَ كَانَتْ مِرْصَادًا ﴿٢١﴾ صلے لِّلطَّاغِيْنَ مَاٰبًا ﴿٢٢﴾ لا لّٰبِثِيْنَ فِيْهَآ

(اڳين ۽ پوين، سڀني ڪافرن جي) گهَٽَ ۾ آهي ﴿٢١﴾ سرڪشن جو ٺڪاڻو آهي ﴿٢٢﴾ منجهس اڻ ڪٽ زمانا

اَحْقَابًا ﴿٢٣﴾ ج لَا يَذُوْقُوْنَ فِيْهَا بَرْدًا وَّلَا شَرَابًا ﴿٢٤﴾ لا اِلَّا حَمِيْمًا وَّ

رهندا ﴿٢٣﴾ نه اتي ٿڌاڻ (يعني راحت ۽ آرام) چکيندا ۽ نه پاڻي (لهندا) ﴿٢٤﴾ مگر ٽهڪندڙ پاڻي ۽ دوزخين جي

غَسَّاقًا ﴿٢٥﴾ لا جَزَآءً وِّفَاقًا ﴿٢٦﴾ ط اِنَّهُمْ كَانُوْا لَا يَرْجُوْنَ حِسَابًا ﴿٢٧﴾ لا وَّ

پوُنءِ ﴿٢٥﴾ اهو سبُڌن (عملن جو) پورو بدلو آهي ﴿٢٦﴾ بيشڪ اهي حساب جي (ڏينهن تي) يقين نه رکندا هئا ﴿٢٧﴾ ۽ اسان

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كِذَّابًا ﴿٢٨﴾ ط وَكُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ كِتٰبًا ﴿٢٩﴾ لا فَذُوْقُوْا

جي آيتن کي ڪوڙو ڪيائون، ڪوڙو ڪرڻ ﴿٢٨﴾ ۽ هر شيءِ کي اسان (حساب لاءِ) هڪ ڪتاب ۾ ڳڻي رکيو آهي ﴿٢٩﴾ پوءِ سزا

فَلَنْ نَّزِيْدَكُمْ اِلَّا عَذَابًا ﴿٣٠﴾ ع اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ مَفَازًا ﴿٣١﴾ لا حَدَآئِقَ ع

چکو، پوءِ اسان توهان کي رڳو عذاب ۾ وڌائيندا سون ﴿٣٠﴾ بيشڪ پرهيزگارن لاءِ ڪاميابي (۽ نجات) آهي ﴿٣١﴾ باغ ۽

وَاَعْنَابًا ﴿٣٢﴾ لا وَّكَوَاعِبَ اَتْرَابًا ﴿٣٣﴾ لا وَّكَاْسًا دِهَاقًا ﴿٣٤﴾ ط لَا يَسْمَعُوْنَ

انگورن جا وڻ آهن ﴿٣٢﴾ ۽ هم عمر نوجوان زالون آهن ﴿٣٣﴾ ۽ شراب جا ڇلڪندڙ پيالا آهن ﴿٣٤﴾ اتي (دنياوي شراب وانگر نه

فِيْهَا لَغْوًا وَّلَا كِذّٰبًا ﴿٣٥﴾ ج جَزَآءً مِّنْ رَّبِّكَ عَطَآءً حِسَابًا ﴿٣٦﴾ لا

نشي ۾ ايندا ۽) نه ڪا اجائي ۽ ڪُوڙي ڳالهه ٻڌندا ﴿٣٥﴾ اهو تنهنجي ربّ جي طرفان ٻي حساب بدلو آهي ﴿٣٦﴾ آسمانن ۽

رَّبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا الرَّحْمٰنِ لَا يَمْلِكُوْنَ مِنْهُ

زمين ۽ جيڪي ڪجھ انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي، انهن جي باجهاري ربّ جي طرفان (بدلو) آهي. (قيامت ۾ اهي) الله

خِطَابًا ﴿٣٧﴾ يَوْمَ يَقُوْمُ الرُّوْحُ وَالْمَلٰٓئِكَةُ صَفًّا ۖ لَّا يَتَكَلَّمُوْنَ

سان ڳالهائي نه سگهندا ﴿٣٧﴾ انهيءَ ڏينهن جبريل ۽ فرشتا صفون ٻڌي بيهندا. ڳالهائي نه سگهندا، مگر جنهن کي ۽

اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَقَالَ صَوَابًا ﴿٣٨﴾ ذٰلِكَ الْيَوْمُ الْحَقُّ ۚ

جنهن لاءِ الله اجازت ڏني ۽ صحيح ڳالھ چوي، (يعني جيڪو مؤمنن جي شفاعت ڪري.) ﴿٣٨﴾ اهو آهي سچو ڏينهن، پوءِ

فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ مَاٰبًا ﴿٣٩﴾ اِنَّآ اَنْذَرْنٰكُمْ عَذَابًا

جيڪو شخص چاهي ته پنهنجي ربّ وٽ پنهنجو ٽڪاڻو ٺاهي (يعني سندس فرمانبرداري ڪري.) ﴿٣٩﴾ بيشڪ اسان

قَرِيْبًا ۚ ۖ يَّوْمَ يَنْظُرُ الْمَرْءُ مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ وَيَقُوْلُ الْكٰفِرُ

توهان کي ويجهڙي عذاب کان ڊيڄاريو آهي، جنهن ڏينهن انسان اڳتي موڪليل پنهنجن هٿن جي ڪمائيءَ کي

يٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ تُرٰبًا ﴿٤٠﴾ ع

ساموهون ڏسندو ۽ ڪافر چوندو ته جيڪر آءٌ مٽي ٿي وڃان ها ﴿٤٠﴾

اٰيَاتُهَا ٤٦ (٧٩) سُوْرَةُ النّٰزِعٰتِ مَكِّيَّةٌ (٨١) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة النازعات مڪي آهي. هن ۾ ڇائيتاليهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

وَالنّٰزِعٰتِ غَرْقًا ﴿١﴾ وَّالنّٰشِطٰتِ نَشْطًا ﴿٢﴾ وَّالسّٰبِحٰتِ سَبْحًا ﴿٣﴾

(ڪافرن جو) ساھ سختيءَ سان ڇڪي ڪڍندڙ فرشتن جو قسم ﴿١﴾ ۽ (مؤمنن جو) ساھ آسانيءَ سان ڪڍندڙ فرشتن جو قسم ﴿٢﴾

فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ۙ ﴿٤﴾ فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ۘ ﴿٥﴾ يَوْمَ تَرْجُفُ

پوءِ (فضا ۾) ترندڙ فرشتن (جو قسم!) ﴿٣﴾ پوءِ (ماڻهن جي ايمان ۾ فرمانبرداري جي ڪمن ۾) اڳرائي ڪندڙ فرشتن جو
قسم!) ﴿٤﴾ پوءِ (ڪائنات جو) انتظام هلائيندڙ (فرشتن جو قسم! ته بيشڪ توهان کي وري جياريو ويندو) ﴿٥﴾ جنهن

الرَّاجِفَةُ ۙ ﴿٦﴾ تَتْبَعُهَا الرَّادِفَةُ ۭ ﴿٧﴾ قُلُوْبٌ يَّوْمَىِٕذٍ وَّاجِفَةٌ ۙ ﴿٨﴾

ڏينهن ڌرتي ڏڪندي ﴿٦﴾ ان جي پويان (هڪ ٻيو) زلزلو ايندو ﴿٧﴾ انهيءَ ڏينهن دليون ڏڪندڙ هونديون ﴿٨﴾

اَبْصَارُهَا خَاشِعَةٌ ۘ ﴿٩﴾ يَقُوْلُوْنَ ءَاِنَّا لَمَرْدُوْدُوْنَ فِي الْحَافِرَةِ ۭ ﴿١٠﴾

۽ نگاهن تي خوف ڇانيل هوندو ﴿٩﴾ (قيامت جا منڪر) چون ٿا ته ڇا واقعي اسين پهرئين حالت ڏانهن موٽايا ويندا سون

ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا نَّخِرَةً ۭ ﴿١١﴾ قَالُوْا تِلْكَ اِذًا كَرَّةٌ خَاسِرَةٌ ۘ ﴿١٢﴾

(يعني وري جياريا ويندا سون؟ ﴿١٠﴾ جڏهن اسين ڀُريون هڏيون ٿي ويندا سون ﴿١١﴾ (ٺٺوليون ڪندي) چون ٿا ته

فَاِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ ۙ ﴿١٣﴾ فَاِذَا هُمْ بِالسَّاهِرَةِ ۭ ﴿١٤﴾ هَلْ اَتٰىكَ

تڏهن ته اها واپسي ڏاڍي نقصانڪار ٿيندي ﴿١٢﴾ (اي انسان! اها واپسي اڻ ٿيڻي نه سمجهه!) اها ته هڪڙي هڪل آهي (ان مان ٻي صور
ڦوڪڻ مراد آهي.) ﴿١٣﴾ پوءِ اهي ڏسندي ئي ڏسندي محشر جي ميدان ۾ هوندا ﴿١٤﴾ (اي محمّد ﷺ!) ڇا تو وٽ موسيٰ (عليه السلام) جي خبر

حَدِيْثُ مُوْسٰى ۘ ﴿١٥﴾ اِذْ نَادٰىهُ رَبُّهٗ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ۚ ﴿١٦﴾

آئي؟ ﴿١٥﴾ جڏهن کيس سندس ربّ مقدس طويٰ ماٿريءَ ۾ سڏيو ﴿١٦﴾ فرعون ڏانهن وڃ، بيشڪ اهو حد کان لنگهي چڪو

اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ۖ ﴿١٧﴾ فَقُلْ هَلْ لَّكَ اِلٰٓى اَنْ تَزَكّٰى ۙ ﴿١٨﴾

آهي ﴿١٧﴾ پوءِ چؤ ته ڇا تون پاڪ ٿيڻ (يعني ڪفر مان ايمان جي روشنيءَ ۾ اچڻ) گهرين ٿو؟ ﴿١٨﴾ ۽ آءٌ توکي تنهنجي ربّ

وَاَهْدِيَكَ اِلٰى رَبِّكَ فَتَخْشٰى ۚ ﴿١٩﴾ فَاَرٰىهُ الْاٰيَةَ الْكُبْرٰى ۖ ﴿٢٠﴾

(جي معرفت واري) واٽ ڏيکاريان ته، جيئن (حقّ جي مخالفت کان) ڊڄين ﴿١٩﴾ پوءِ انهيءَ کيس وڏيون نشانيون ڏيکاريون

فَكَذَّبَ وَعَصٰى ۖ ﴿٢١﴾ ثُمَّ اَدْبَرَ يَسْعٰى ۖ ﴿٢٢﴾ فَحَشَرَ فَنَادٰى ۖ ﴿٢٣﴾

(مثلاً لٺ جو نانگ ٿيڻ ۽ روشن هٿ جو معجزو وغيره.) ﴿٢٠﴾ پوءِ انهيءَ (موسيٰ عليه السلام کي) ڪوڙو ڪيو ۽ نافرماني ڪيائين ﴿٢١﴾ پوءِ
پٺي ڏنائين ۽ جلدي جلدي تدبيرون ڪرڻ ۾ لڳي ويو ﴿٢٢﴾ پوءِ (پنهنجي زماني جي جادوگرن کي) گڏ ڪيائين ۽ اعلان ڪيائين ﴿٢٣﴾

فَقَالَ اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰى ۖ﴿٢٤﴾ فَاَخَذَهُ اللّٰهُ نَكَالَ الْاٰخِرَةِ وَالْاُوْلٰى ؕ﴿٢٥﴾

پوءِ چيائين ته آءٌ توهان جو وڏو ربّ آهيان ﴿٢٤﴾ پوءِ الله کيس آخرت ۾ (باهه جي عذاب) ۽ دنيا ۾ (ٻڏڻ جي عذاب) سان پڪڙيو ﴿٢٥﴾

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى ؕ﴿٢٦﴾ ءَاَنْتُمْ اَشَدُّ خَلْقًا ع ٢٦ ٣

بيشڪ ان (فرعون جي عذاب جي واقعي) ۾ عبرت آهي، ان شخص لاءِ جيڪو ڊڄي ٿو ﴿٢٦﴾ (اي قيامت جا منڪرو!) توهان

اَمِ السَّمَآءُ ؕ بَنٰهَا ﴿٢٧﴾ وقفة رَفَعَ سَمْكَهَا فَسَوّٰىهَا ﴿٢٨﴾ لا وَاَغْطَشَ لَيْلَهَا

جو پيدا ڪرڻ وڌيڪ ڏکيو آهي يا آسمانن جو، جن کي الله ٺاهيو آهي؟ ﴿٢٧﴾ الله ان جي ڇت کي (پنج سو سالن جي مفاصلي

وَاَخْرَجَ ضُحٰىهَا ﴿٢٩﴾ صۖ وَالْاَرْضَ بَعْدَ ذٰلِكَ دَحٰىهَا ؕ﴿٣٠﴾ اَخْرَجَ مِنْهَا

تي) مٿي ڪيو، پوءِ ان کي برابر ڪيائين ﴿٢٨﴾ ۽ رات کي اونداهون ڪيائين ۽ سج جي روشنيءَ کي ظاهر ڪيائين ﴿٢٩﴾ ۽ زمين

مَآءَهَا وَمَرْعٰىهَا ﴿٣١﴾ صۖ وَالْجِبَالَ اَرْسٰىهَا ﴿٣٢﴾ لا مَتَاعًا لَّكُمْ وَ

کي ان کان پوءِ وڇايائين ﴿٣٠﴾ ان مان پاڻي ۽ (جانورن جي چرڻ لاءِ) گاهه ڪڍيائين ﴿٣١﴾ ۽ جبلن کي (زمين تي) کوڙيائين ﴿٣٢﴾

لِاَنْعَامِكُمْ ؕ﴿٣٣﴾ فَاِذَا جَآءَتِ الطَّآمَّةُ الْكُبْرٰى ۖ﴿٣٤﴾ يَوْمَ يَتَذَكَّرُ

(سڀ) توهان ۽ توهان جي جانورن جي فائدي لاءِ پيدا ڪيائين ﴿٣٣﴾ پوءِ جڏهن وڏي آفت (يعني قيامت) ايندي ﴿٣٤﴾ ان ڏينهن انسان

الْاِنْسَانُ مَا سَعٰى ﴿٣٥﴾ لا وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِمَنْ يَّرٰى ﴿٣٦﴾ فَاَمَّا مَنْ

پنهنجن (چڱن يا بڇڙن) ڪمن کي ياد ڪندو ﴿٣٥﴾ ۽ ڏسندڙ لاءِ جهنم کي سامهون آندو ويندو (يعني سڀ ان کي نه ڏسندا) ﴿٣٦﴾ پوءِ

طَغٰى ﴿٣٧﴾ لا وَاٰثَرَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٣٨﴾ لا فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِيَ الْمَاْوٰى ؕ﴿٣٩﴾

جنهن سرڪشي (۽ ڪفر) ڪيو ﴿٣٧﴾ ۽ دنيا جي زندگيءَ کي (آخرت تي) ترجيح ڏنائين ﴿٣٨﴾ تنهن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي ﴿٣٩﴾

وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿٤٠﴾ لا

۽ جيڪو پنهنجي ربّ جي سامهون بيهڻ (يعني حساب ڏيڻ) کان ڊنو ۽ پنهنجي نفس کي (حرام) خواهشن کان روڪيائين ﴿٤٠﴾

فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿۴۱﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰهَا ﴿۴۲﴾

پوءِ بيشڪ جنت سندس رهڻ جي جاءِ آهي ﴿۴۱﴾ (اي مُحَمَّد ﷺ!) توکان قيامت جي باري ۾ پڇن ٿا تہ ڪڏهن ايندي ؟ ﴿۴۲﴾

فِيْمَ اَنْتَ مِنْ ذِكْرٰىهَا ﴿۴۳﴾ اِلٰى رَبِّكَ مُنْتَهٰىهَا ﴿۴۴﴾

ان جي بيان سان تنهنجو ڪهڙو واسطو (۽ ڪهڙو فائدو؟) ﴿۴۳﴾ اها ڳالهہ رڳو تنهنجي ربّ کي ئي معلوم آهي (مخلوق مان ڪنهن

اِنَّمَآ اَنْتَ مُنْذِرُ مَنْ يَّخْشٰىهَا ﴿۴۵﴾ كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَهَا لَمْ

کي ان جي ڄاڻ نہ آهي.) ﴿۴۴﴾ دراصل تون تہ هڪ ڊيڄاريندڙ آهين، انهيءَ شخص کي جيڪو ڊڄي ٿو ﴿۴۵﴾ جنهن ڏينهن ان کي

يَلْبَثُوْٓا اِلَّا عَشِيَّةً اَوْ ضُحٰىهَا ﴿۴۶﴾ ع

ڏسندا، (پائيندا تہ) ڄڻ اهي دنيا ۾ رڳو هڪ صبح ۽ هڪڙي شام رهيا آهن ﴿۴۶﴾

اٰيَاتُهَا ۴۲ (٨٠) سُوْرَةُ عَبَسَ مَكِّيَّةٌ (۲۴) رُكُوْعُهَا ۱

سورة عبس مڪي آهي. هن ۾ ٻائيتاليهہ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عطا ڪندڙ، گناہ بخشيندڙ، مهربان ۽ رحم ڪندڙ آهي.

عَبَسَ وَ تَوَلّٰٓى ﴿۱﴾ اَنْ جَآءَهُ الْاَعْمٰى ﴿۲﴾ وَمَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّهٗ

(محمد ﷺ) منهن ۾ گهنج وڌو ۽ پٺي ڦيرايائين ﴿۱﴾ جو وٽس نابين (عبد الله بن ام مڪتوم رضي الله عنه) آيو ﴿۲﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) توکي

يَزَّكّٰٓى ﴿۳﴾ اَوْ يَذَّكَّرُ فَتَنْفَعَهُ الذِّكْرٰى ﴿۴﴾ اَمَّا مَنِ اسْتَغْنٰى ﴿۵﴾

ڪهڙي خبر تہ شايد اهو (نصيحت ٻڌي گناهن کان) پاڪ ٿئي ﴿۳﴾ يا نصيحت ٻڌي تہ نصيحت کيس فائدو ڏئي ﴿۴﴾ (پر جيڪو شخص) بي

فَاَنْتَ لَهٗ تَصَدّٰى ﴿۶﴾ وَمَا عَلَيْكَ اَلَّا يَزَّكّٰى ﴿۷﴾ وَاَمَّا مَنْ جَآءَكَ

پرواهي ڪري ٿو ﴿۵﴾ تنهن ڏانهن ڌيان ڏئين ٿو ﴿۶﴾ ۽ (جيڪڏهن اهو ڪافر، ڪفر) کان پاڪ نہ ٿئي تہ توتي حرج نہ آهي ﴿۷﴾ ۽ جيڪو

يَسْعٰى ﴿٨﴾ وَهُوَ يَخْشٰى ﴿٩﴾ فَاَنْتَ عَنْهُ تَلَهّٰى ﴿١٠﴾ كَلَّآ اِنَّهَا تَذْكِرَةٌ ﴿١١﴾

تو وٽ جلدي آيو ﴿٨﴾ ۽ (اهو الله کان) ڊڄي ٿو ﴿٩﴾ پوءِ تون ان کان منهن موڙين ٿو ﴿١٠﴾ هرگز نه! بيشڪ اهي (قرآن جون

فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ ﴿١٢﴾ فِيْ صُحُفٍ مُّكَرَّمَةٍ ﴿١٣﴾ مَّرْفُوْعَةٍ مُّطَهَّرَةٍۭ ﴿١٤﴾

وقف لازم

آيتون) نصيحت آهن ﴿١١﴾ پوءِ جيڪو شخص چاهي ته ان مان نصيحت حاصل ڪري (يا ان کي ياد رکي) ﴿١٢﴾ اهو (قرآن) ته عزت وارن
صحيفن ۾ لکيل (ڪتاب) آهي ﴿١٣﴾ جيڪي (صحيفا) بلند (آسمانن ۾ رکيل آهن) ۽ (شيطانن جي پهچ کان پري ۽) پاڪ آهن ﴿١٤﴾ لکندڙ

بِاَيْدِيْ سَفَرَةٍ ﴿١٥﴾ كِرَامٍۭ بَرَرَةٍ ﴿١٦﴾ قُتِلَ الْاِنْسَانُ مَآ اَكْفَرَهٗ ﴿١٧﴾

فرشتن جي هٿن ۾ آهن ﴿١٥﴾ جيڪي عزت وارا ۽ پرهيزگار آهن ﴿١٦﴾ انسان (يعني عتبه بن ابي) تي مار پوي ڪهڙو نه ناشڪرو (۽

مِنْ اَيِّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ ﴿١٨﴾ مِنْ نُّطْفَةٍ ۭ خَلَقَهٗ فَقَدَّرَهٗ ﴿١٩﴾ ثُمَّ

ڪٽو ڪافر) آهي ﴿١٧﴾ (ڏسي نٿو ته ربّ ڪريم) ڪيس ڪهڙي شيءِ مان پيدا ڪيو؟ ﴿١٨﴾ ان کي (خسيس) نطفي مان

السَّبِيْلَ يَسَّرَهٗ ﴿٢٠﴾ ثُمَّ اَمَاتَهٗ فَاَقْبَرَهٗ ﴿٢١﴾ ثُمَّ اِذَا شَآءَ

پيدا ڪيائين، پوءِ (پيدائش جي مختلف مرحلن ۾) سندس اندازو ڪيائين ﴿١٩﴾ پوءِ سندس (پيدا ٿيڻ جي) لاءِ رستو آسان ڪيائين
﴿٢٠﴾ پوءِ ڪيس ماريندو آهي، پوءِ ڪيس قبر ۾ پهچائيندو آهي ﴿٢١﴾ پوءِ جڏهن چاهيندو، ڪيس ٻيهر جيئرو ڪري اٿاريندو ﴿٢٢﴾

اَنْشَرَهٗ ﴿٢٢﴾ كَلَّا لَمَّا يَقْضِ مَآ اَمَرَهٗ ﴿٢٣﴾ فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ

هرگز نه! الله جيڪو حڪم ڏني ٿو، تنهن کي پورو نٿو ڪري (يعني انسان غلطين جو گهر آهي) ﴿٢٣﴾ پوءِ انسان کي

اِلٰى طَعَامِهٖٓ ﴿٢٤﴾ اَنَّا صَبَبْنَا الْمَآءَ صَبًّا ﴿٢٥﴾ ثُمَّ شَقَقْنَا الْاَرْضَ

پنهنجي کاڌي ڏانهن ڏسڻ گهرجي ﴿٢٤﴾ اسين ئي (آسمان مان) زوردار پاڻي وسايون ٿا ﴿٢٥﴾ پوءِ اسين ئي زمين کي

شَقًّا ﴿٢٦﴾ فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا حَبًّا ﴿٢٧﴾ وَّعِنَبًا وَّقَضْبًا ﴿٢٨﴾ وَّزَيْتُوْنًا وَّ

چڱيءَ طرح چيريون ڦاڙيون ٿا ﴿٢٦﴾ پوءِ اسين ئي ان مان اناج اپايون ٿا ﴿٢٧﴾ ۽ انگور ۽ ڀاڄيون (به اُپايون ٿا) ﴿٢٨﴾ ۽ زيتون ۽

نَخْلًا ﴿٢٩﴾ وَّحَدَآئِقَ غُلْبًا ﴿٣٠﴾ وَّفَاكِهَةً وَّاَبًّا ﴿٣١﴾ مَّتَاعًا لَّكُمْ وَ

کجيون ﴿٢٩﴾ ۽ گهاٽا باغ (پيدا ڪريون ٿا) ﴿٣٠﴾ ۽ (مختلف قسمن جا) ميوا ۽ گاهه (پيدا ڪريون ٿا) ﴿٣١﴾ توهان لاءِ ۽ توهان جي

لِاَنْعَامِكُمْ ؕ﴿٣٢﴾ فَاِذَا جَآءَتِ الصَّآخَّةُ ﴿٣٣﴾ يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ

جانورن جي فائدي لاءِ ﴿٣٢﴾ پوءِ جڏهن ڪنن کي ٻوڙو ڪندڙ (قيامت جو) ڪڙڪو ٿيندو ﴿٣٣﴾ انهيءَ ڏينهن ماڻهو پري

اَخِيْهِ ۙ﴿٣٤﴾ وَاُمِّهٖ وَاَبِيْهِ ۙ﴿٣٥﴾ وَصَاحِبَتِهٖ وَبَنِيْهِ ؕ﴿٣٦﴾ لِكُلِّ

ڀڄندو پنهنجي ڀاءُ کان ﴿٣٤﴾ ۽ پنهنجي ماءُ ۽ پنهنجي پيءُ کان ﴿٣٥﴾ ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجي اولاد کان ﴿٣٦﴾ انهيءَ

امْرِئٍ مِّنْهُمْ يَوْمَئِذٍ شَاْنٌ يُّغْنِيْهِ ؕ﴿٣٧﴾ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ

ڏينهن انهن مان هر هڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي حال ۾ بيحال هوندو ﴿٣٧﴾ انهيءَ ڏينهن ڪيترا ئي منهن

مُّسْفِرَةٌ ۙ﴿٣٨﴾ ضَاحِكَةٌ مُّسْتَبْشِرَةٌ ۚ﴿٣٩﴾ وَوُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ عَلَيْهَا

مهانڊا روشن هوندا ﴿٣٨﴾ کلندڙ ۽ سرها هوندا ﴿٣٩﴾ ۽ انهيءَ ڏينهن ڪيترائي منهن ڌوڙ ۾ ڀريل هوندا ﴿٤٠﴾ ڪارنهن

غَبَرَةٌ ۙ﴿٤٠﴾ تَرْهَقُهَا قَتَرَةٌ ؕ﴿٤١﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكَفَرَةُ الْفَجَرَةُ ﴿٤٢﴾ ع ١/٤٢/٥

ڪين ويڙهي ويندي ﴿٤١﴾ اهي ڪافر ۽ بدڪار آهن ﴿٤٢﴾ (الله جي قهر ۽ ڏمر کان سندس پناهه گهرون ٿا.)

اٰيَاتُهَا ٢٩ (٨١) سُوْرَةُ التَّكْوِيْرِ مَكِّيَّةٌ (٧) رُكُوْعُهَا ١

سورة التڪوير مڪي آهي. هن ۾ اڻٽيهه آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

عظيم الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، مهربان آهي.

اِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ ۙ﴿١﴾ وَاِذَا النُّجُوْمُ انْكَدَرَتْ ۙ﴿٢﴾ وَاِذَا الْجِبَالُ

جڏهن سج کي ويڙهيو ويندو ﴿١﴾ ۽ جڏهن ستارا بي نور ٿي ويندا ﴿٢﴾ ۽ جڏهن جبلن کي هلايو ويندو ﴿٣﴾ ۽ جڏهن (ڏهن

سُيِّرَتْ ۙ﴿٣﴾ وَاِذَا الْعِشَارُ عُطِّلَتْ ۙ﴿٤﴾ وَاِذَا الْوُحُوْشُ حُشِرَتْ ۙ﴿٥﴾

مهينن جي) ڍڪين ڏاچين جا ڦر ڪري پوندا ﴿٤﴾ ۽ جڏهن جهنگلي جانورن کي (بدلي وٺڻ لاءِ) گڏ ڪيو ويندو ﴿٥﴾

وَاِذَا الْبِحَارُ سُجِّرَتْ ۖ ﴿٦﴾ وَاِذَا النُّفُوْسُ زُوِّجَتْ ۖ ﴿٧﴾ وَاِذَا الْمَوْءٗدَةُ

۽ جڏهن سمنڊ باهہ سان ڀاريا ويندا ﴿٦﴾ ۽ جڏهن نفسن کي ملايو ويندو (يعني جنتين کي جنتين سان ۽ دوزخين کي
دوزخين سان يا روحن کي جسمن سان ملايو ويندو.) ﴿٧﴾ ۽ جڏهن زنده دفن ڪيل نياڻيءَ کان سوال

سُئِلَتْ ۖ ﴿٨﴾ بِاَيِّ ذَنْۢبٍ قُتِلَتْ ۚ ﴿٩﴾ وَاِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتْ ۖ ﴿١٠﴾ وَاِذَا

ڪيو ويندو ﴿٨﴾ تہ ان کي ڪهڙي گناہ سبب قتل ڪيو ويو هو؟ ﴿٩﴾ ۽ جڏهن اعمالناما کوليا ويندا ﴿١٠﴾ ۽ جڏهن آسمان

السَّمَآءُ كُشِطَتْ ۖ ﴿١١﴾ وَاِذَا الْجَحِيْمُ سُعِّرَتْ ۖ ﴿١٢﴾ وَاِذَا الْجَنَّةُ

جي کل لاٿي ويندي ﴿١١﴾ ۽ جڏهن دوزخ کي ڀڙڪايو ويندو ﴿١٢﴾ ۽ جڏهن جنت کي (پرهيزگارن

اُزْلِفَتْ ۖ ﴿١٣﴾ عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّآ اَحْضَرَتْ ۗ ﴿١٤﴾ فَلَآ اُقْسِمُ بِالْخُنَّسِ ۙ ﴿١٥﴾

جي) ويجهو ڪيو ويندو ﴿١٣﴾ انهيءَ ڏينهن هر شخص کي معلوم ٿي ويندو تہ ڪهڙا (عملَ) آندا اٿس ﴿١٤﴾ پوءِ آءٌ قسم ٿو کڻان (انهن
پنجن) تارن جو (يعني زحل، مشتري، مريخ، زهره ۽ عطارد جو)، جيڪي (برج مان) پوئتي هٽي ويندا آهن ﴿١٥﴾ سير ڪري غائب

الْجَوَارِ الْكُنَّسِ ۙ ﴿١٦﴾ وَالَّيْلِ اِذَا عَسْعَسَ ۙ ﴿١٧﴾ وَالصُّبْحِ اِذَا تَنَفَّسَ ۙ ﴿١٨﴾

ٿي ويندا آهن ﴿١٦﴾ ۽ رات جو قسم، جڏهن اها آخري پهرن ۾ هوندي آهي، (يعني ختم ٿيڻ واري هوندي آهي.) ﴿١٧﴾ ۽

اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ ۙ ﴿١٩﴾ ذِيْ قُوَّةٍ عِنْدَ ذِي الْعَرْشِ

صبح جو قسم! جڏهن سوجهرو ڪندي آهي ﴿١٨﴾ بيشڪ اهو (قرآن) عزت واري فرشتي (جبريل عليه السلام) جي زباني آندل

مَكِيْنٍ ۙ ﴿٢٠﴾ مُّطَاعٍ ثَمَّ اَمِيْنٍ ۗ ﴿٢١﴾ وَمَا صَاحِبُكُمْ بِمَجْنُوْنٍ ۚ ﴿٢٢﴾ وَلَقَدْ

آهي ﴿١٩﴾ جيڪو ڏاڍو طاقتور، عرش جي مالڪ (الله تعاليٰ) وٽ وڏي مرتبي وارو آهي ﴿٢٠﴾ سردار (۽) امانتدار آهي ﴿٢١﴾ ۽ (اي مڪي وارو!)
توهان جو ساٿي (يعني محمد ﷺ) ڪو چريو نہ آهي ﴿٢٢﴾ ۽ بيشڪ (پاڪ ڪريمن ﷺ) جبريل (عليه السلام) کي (اوڀر کان اولهہ تائين پکڙيل)

رَاٰهُ بِالْاُفُقِ الْمُبِيْنِ ۚ ﴿٢٣﴾ وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ ۚ ﴿٢٤﴾ وَمَا هُوَ

آسمان جي روشن اڀ ۾ ڏٺو آهي ﴿٢٣﴾ ۽ (محمد ﷺ) غيب جي ٻڌائڻ ۾ بخيل نہ آهي ﴿٢٤﴾ ۽ اهو (قرآن ڪنهن تڙيل)

بِقَوْلِ شَيْطٰنٍ رَّجِيْمٍ ۙ ﴿٢٥﴾ فَاَيْنَ تَذْهَبُوْنَ ۗ ﴿٢٦﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ

شيطان جو ڪلام نہ آهي ﴿٢٥﴾ پوءِ (هن روشن رستي کي ڇڏي)، توهان ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ ﴿٢٦﴾ اهو (قرآن) جهانن

لِلْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٧﴾ لِمَنْ شَآءَ مِنْكُمْ اَنْ يَّسْتَقِيْمَ ﴿٢٨﴾ وَمَا تَشَآءُوْنَ اِلَّآ

وارن لاءِ هڪڙي نصيحت آهي ﴿٢٧﴾ توهان مان ان شخص لاءِ (نصيحت آهي)، جيڪو سڌي واٽ وٺڻ گهري (۽ حق جي

اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٩﴾

پيروي ڪري.) ﴿٢٨﴾ ۽ توهان ڪيئن سڌيءَ واٽ تي هلندا، مگر هيءُ ته جهانن جو ربُ الله تعاليٰ (اها ڳالهه) گهري ﴿٢٩﴾

اٰيَاتُهَا ١٩ (٨٢) سُوْرَةُ الْاِنْفِطَارِ مَكِّيَّةٌ (٨٢) رُكُوْعُهَا ١

سورة الانفطار مڪي آهي. هن ۾ اڻويهه آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

اِذَا السَّمَآءُ انْفَطَرَتْ ﴿١﴾ وَاِذَا الْكَوَاكِبُ انْتَثَرَتْ ﴿٢﴾ وَاِذَا الْبِحَارُ

جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو ﴿١﴾ ۽ جڏهن ستارا ڇڻي پوندا ﴿٢﴾ ۽ جڏهن سمنڊ جوش سان وهي هڪ ٻئي سان

فُجِّرَتْ ﴿٣﴾ وَاِذَا الْقُبُوْرُ بُعْثِرَتْ ﴿٤﴾ عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ

ملي ويندا ﴿٣﴾ ۽ جڏهن قبرن کي پٽيو ويندو ﴿٤﴾ تڏهن هر جيءَ کي معلوم ٿي ويندو ته ان اڳتي ڇا موڪليو آهي ۽

وَاَخَّرَتْ ﴿٥﴾ يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ ﴿٦﴾ الَّذِيْ

پوئتي ڇا ڇڏيو آهي ﴿٥﴾ اي انسان! توکي پنهنجي عزت واري ربّ کان ڪهڙي شيءِ دوکي ۾ وڌو آهي؟ ﴿٦﴾ جنهن

خَلَقَكَ فَسَوّٰىكَ فَعَدَلَكَ ﴿٧﴾ فِيْۤ اَيِّ صُوْرَةٍ مَّا شَآءَ رَكَّبَكَ ﴿٨﴾

توکي پيدا ڪيو آهي، پوءِ توکي ٺيڪ ٺاڪ ڪيائين، پوءِ توکي برابر ڪيائين (جو نه هڪڙي اک ٻيءَ اک کان ويڪري آهي ۽ نه ئي
هڪ هٿ ٻئي هٿ کان وڏو ۽ ڊگهو آهي.) پوءِ جنهن به شڪل ۽ صورت ۾ چاهيائين، توکي ٺاهي تيار ڪيائين ﴿٨﴾ هرگز نه!

كَلَّا بَلْ تُكَذِّبُوْنَ بِالدِّيْنِ ﴿٩﴾ وَاِنَّ عَلَيْكُمْ لَحٰفِظِيْنَ ﴿١٠﴾

بلڪ توهان جزا ۽ سزا (يعني قيامت جي) ڏينهن کي ڪوڙو ٿا ڪريو ﴿٩﴾ ۽ بيشڪ توهان تي نگران فرشتا (مقرر) آهن ﴿١٠﴾

كِرَامًا كَاتِبِيْنَ ⑪ يَعْلَمُوْنَ مَا تَفْعَلُوْنَ ⑫ اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ

عزت وارا لکندڙ آهن ⑪ جيڪي ڪجھ توهان ڪريو ٿا، تنهن کي ڄاڻن ٿا ⑫ بيشڪ نيڪي ڪندڙ (مؤمن) نعمتن

نَعِيْمٍ ⑬ وَّاِنَّ الْفُجَّارَ لَفِيْ جَحِيْمٍ ⑭ يَّصْلَوْنَهَا يَوْمَ الدِّيْنِ ⑮

(وارين جنتن) ۾ هوندا ⑬ ۽ بيشڪ گنهگار (۽ ڪافر) دوزخ ۾ هوندا ⑭ بدلي جي ڏينهن ان (دوزخ) ۾ داخل ٿيندا ⑮

وَمَا هُمْ عَنْهَا بِغَآئِبِيْنَ ⑯ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الدِّيْنِ ⑰

۽ انهيءَ مان ڪڏهن به ٻاهر نه نڪرندا ⑯ ۽ (اي محمد ﷺ!) توکي ڪھڙي خبر ته بدلي جو ڏينهن ڇا آهي ؟ ⑰

ثُمَّ مَآ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الدِّيْنِ ⑱ يَوْمَ لَا تَمْلِكُ نَفْسٌ لِّنَفْسٍ

پوءِ توکي ڪھڙي خبر (اي محمد ﷺ!) ته بدلي جو ڏينهن ڇا آهي ؟ ⑱ انهيءَ ڏينهن ڪو جيءُ ڪنهن جيءَ کي

شَيْـًٔا ؕ وَالْاَمْرُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ ⑲ ع

(عذاب کان بچائڻ جي) سگھه نه رکندو ۽ انهيءَ ڏينهن حڪم رڳو الله جو هلندو ⑲

(٨٣) سُوْرَةُ الْمُطَفِّفِيْنَ مَكِّيَّةٌ (٨٦)

اٰيَاتُهَا ٣٦ رُكُوْعُهَا ١

سورة المطففين مڪي آهي ھن ۾ ڇٽيهه آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو مهربان، رحم ڪندڙ آهي.

وَيْلٌ لِّلْمُطَفِّفِيْنَ ① الَّذِيْنَ اِذَا اكْتَالُوْا عَلَى النَّاسِ يَسْتَوْفُوْنَ ②

خرابي آهي (ماپ ۽ تور) ۾ ڪمي ڪندڙن لاءِ ① (يعني انهن لاءِ) جيڪي جڏهن ماڻهن کان ماپي وٺندا! آهن ته پورو وٺندا آهن ②

وَاِذَا كَالُوْهُمْ اَوْ وَّزَنُوْهُمْ يُخْسِرُوْنَ ③ اَلَا يَظُنُّ اُولٰٓئِكَ اَنَّهُمْ

۽ جڏهن کين ماپي يا کين وزن ڪري ڏيندا آهن ته گھٽ ڏيندا آهن ③ ڇا اهي ما ٺهو يقين نٿا رکن ته کين زنده ڪري

مَّبْعُوْثُوْنَ ۝٤ لِيَوْمٍ عَظِيْمٍ ۝٥ يَّوْمَ يَقُوْمُ النَّاسُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٦

اُٿاريو ويندو؟ ④ هڪ وڏي ڏينهن ۾ ⑤ ان ڏينهن ماڻهو جهانن جي ربّ جي آڏو (بدلي ۾ حساب لاءِ) اچي بيهندا ⑥

كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ الْفُجَّارِ لَفِيْ سِجِّيْنٍ ۝٧ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا سِجِّيْنٌ ۝٨ كِتٰبٌ

هرگز نہ! بيشڪ بدڪارن (۽ ڪافرن) جو اعمالنامو سجين ۾ آهي ⑦ ۽ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) تو کي ڪهڙي خبر تہ سجين ڇا آهي؟ ⑧

مَّرْقُوْمٌ ۝٩ وَيْلٌ يَّوْمَىِٕذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ۝١٠ الَّذِيْنَ يُكَذِّبُوْنَ بِيَوْمِ

(سٽين زمين ۾ شيطانن وٽ) لکيل هڪ ڪتاب آهي ⑨ ان ڏينهن ڪوڙو ڪندڙن لاءِ ويل آهي ⑩ جيڪي بدلي جي ڏينهن

الدِّيْنِ ۝١١ وَمَا يُكَذِّبُ بِهٖٓ اِلَّا كُلُّ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ۝١٢ اِذَا تُتْلٰى

کي ڪوڙو ڪن ٿا ⑪ ۽ قيامت کي رڳو اهوئي ڪوڙو ڪندو آهي، جيڪو حد لنگهندڙ، گنهگار آهي ⑫ جڏهن مٿس اسان

عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ۝١٣ كَلَّا بَلْ سكتة رَانَ عَلٰى

جون آيتون پڙهبيون آهن، چوندو آهي تہ اهي اڳين جون آکاڻيون آهن ⑬ هرگز ائين نہ آهي (جيئن ڪوڙو ڪندڙ چون

قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝١٤ كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَىِٕذٍ

ٿا)، بلڪ سندن ڪرتوتن جي ڪري سندن دلين تي ڪٽ چڙهي وئي آهي ⑭ هرگز نہ! بيشڪ اهي ان ڏينهن پنهنجي

لَّمَحْجُوْبُوْنَ ۝١٥ ثُمَّ اِنَّهُمْ لَصَالُوا الْجَحِيْمِ ۝١٦ ثُمَّ يُقَالُ هٰذَا

ربّ کان روڪيل هوندا ⑮ پوءِ بيشڪ اهي (ساڙيندڙ باهہ واري) دوزخ ۾ پهچڻ وارا آهن ⑯ پوءِ کين چيو ويندو تہ هيءُ

الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ۝١٧ كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ الْاَبْرَارِ لَفِيْ

آهي اهو دوزخ، جنهن کي توهين ڪوڙو ڪندا هئا ⑰ هرگز نہ! بيشڪ نيڪن (۽ ايمانداران) جو اعمالنامو عليّين ۾

عِلِّيِّيْنَ ۝١٨ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا عِلِّيُّوْنَ ۝١٩ كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ۝٢٠ يَّشْهَدُهُ

آهي ⑱ ۽ (اي مُحَمَّدْ ﷺ!) تو کي ڪهڙي خبر تہ عليّين ڇا آهي؟ ⑲ (سٽين آسمان ۾) لکيل هڪ ڪتاب آهي ⑳ جنهن (الله

الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿٢١﴾ اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ نَعِيْمٍ ﴿٢٢﴾ عَلَى الْاَرَآئِكِ يَنْظُرُوْنَ ﴿٢٣﴾

جا) مقرب (فرشتا) حاضر ٿين ٿا ﴿٢١﴾ بيشڪ نيڪ ماڻهو نعمتن ۾ هوندا ﴿٢٢﴾ تختن تي ويهي (جنت ۾ جتي ڪهرندا) ڏسندا ﴿٢٣﴾

تَعْرِفُ فِيْ وُجُوْهِهِمْ نَضْرَةَ النَّعِيْمِ ﴿٢٤﴾ يُسْقَوْنَ مِنْ رَّحِيْقٍ

تون انهن ڪي سندن چهرن ۾ نعمتن جي تازگيءَ سان سڃاڻندين ﴿٢٤﴾ کين خالص شراب پياريو ويندو، جن جي بوتلن تي مهر

مَّخْتُوْمٍ ﴿٢٥﴾ خِتٰمُهٗ مِسْكٌ ۭ وَفِيْ ذٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ الْمُتَنَافِسُوْنَ ﴿٢٦﴾

لڳل آهي ﴿٢٥﴾ ان جي مهر مشڪ جي آهي (جنهن جو حال هي آهي ته جيڪڏهن ان جو هڪ ذرو به دنيا ۾ وڌو وڃي ته اوير ڪان اولهه خوشبوءِ سان واسجي وڃي) شوق رکندڙ ان (مانَ ۽ مَرتبي جي) رغبت ڪن (يعني نيڪين ۾ جلدي ڪن ۽ براين کان بچن.) ﴿٢٦﴾

وَمِزَاجُهٗ مِنْ تَسْنِيْمٍ ﴿٢٧﴾ عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿٢٨﴾ اِنَّ

۽ ان ۾ تسنيم جو پاڻي مليل هوندو ﴿٢٧﴾ اهو هڪڙو چشمو آهي، جنهن مان الله جا مقرب (ٻانها) پيئندا ﴿٢٨﴾ بيشڪ جن ڏوهه

الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا كَانُوْا مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يَضْحَكُوْنَ ﴿٢٩﴾ وَ اِذَا

ڪيا (۽ جيڪي ڪافر ٿيا، يعني ابوجهل ۽ سندس ساٿي)، اهي مؤمنن (يعني فقير مهاجرن) تي کلن ٿا ﴿٢٩﴾ ۽ جڏهن انهن

مَرُّوْا بِهِمْ يَتَغَامَزُوْنَ ﴿٣٠﴾ وَاِذَا انْقَلَبُوْٓا اِلٰٓى اَهْلِهِمُ انْقَلَبُوْا

(مؤمنن) وٽان لنگهن ٿا ته اکين جي اشارن سان (ساڻن ٺٺوليون) ڪن ٿا ﴿٣٠﴾ ۽ جڏهن پنهنجن گهر وارن ڏانهن موٽن ٿا ته

فَكِهِيْنَ ﴿٣١﴾ وَ اِذَا رَاَوْهُمْ قَالُوْٓا اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَضَآلُّوْنَ ﴿٣٢﴾ وَ مَآ

(ٺٺولين وچان) ڏاڍا خوش ٿين ٿا ﴿٣١﴾ ۽ جڏهن مؤمنن کي ڏسن ٿا ته چون ٿا ته بيشڪ اهي گمراه آهن ﴿٣٢﴾ ۽ اهي (ڪافر)

اُرْسِلُوْا عَلَيْهِمْ حٰفِظِيْنَ ﴿٣٣﴾ فَالْيَوْمَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنَ الْكُفَّارِ

مؤمنن تي نگران ڪري نه موڪليا ويا آهن ﴿٣٣﴾ پوءِ اڄ (قيامت جي) ڏينهن مؤمن، ڪافرن تي کلندا (ڪافرن کي ڇٽبو ته جنت

يَضْحَكُوْنَ ﴿٣٤﴾ عَلَى الْاَرَآئِكِ يَنْظُرُوْنَ ﴿٣٥﴾ هَلْ ثُوِّبَ الْكُفَّارُ

۾ وڃو، اتي ايندا ته دروازا بند ڪيا ويندا.) ﴿٣٤﴾ تختن تي ويهي (پنهنجن دشمنن جي عذاب جا لقاءَ) ڏسندا ﴿٣٥﴾ ڪافرن کي

مَا كَانُوۡا يَفۡعَلُوۡنَ ﴿٣٦﴾ ع

رڳو انهن ئي ڪمن جو بدلو ڏنو ويندو، جيڪي (دنيا ۾) ڪندا آهن، (يعني مؤمنن سان سندن ٺٺولين
جو بدلو ٺٺولين سان ڏنو ويندو، ڇاڪاڻ ته عملن جو بدلو عملن جي جنس جھڙو هوندو آهي.) ﴿٣٦﴾

اٰيَاتُهَا ٢٥ (٨٤) سُوۡرَةُ الۡاِنۡشِقَاقِ مَكِّيَّةٌ (٨٣) رُكُوۡعُهَا ١

سورة الانشقاق مڪي آهي. هن ۾ پنجويھ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو تعظيم جي لائق ۽ عام ۽ خاص تي رحم ڪندڙ آهي.

اِذَا السَّمَآءُ انۡشَقَّتۡ ﴿١﴾ وَاَذِنَتۡ لِرَبِّهَا وَحُقَّتۡ ﴿٢﴾ وَاِذَا الۡاَرۡضُ

جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو ﴿١﴾ ۽ پنهنجي ربّ جي حڪم جي فرمانبرداري ڪندو ۽ ڪيس جڳائي ته (سندس فرمانبرداري

مُدَّتۡ ﴿٣﴾ وَاَلۡقَتۡ مَا فِيۡهَا وَتَخَلَّتۡ ﴿٤﴾ وَاَذِنَتۡ لِرَبِّهَا وَحُقَّتۡ ﴿٥﴾

ڪري) ﴿٢﴾ ۽ جڏهن زمين پکيڙي، برابر ڪئي ويندي ﴿٣﴾ ۽ منجهس جيڪي (مڙئي خزانا وغيره) آهن، تن کي اڇلائي ڇڏيندي ۽ خالي
ٿيندي ﴿٤﴾ ۽ پنهنجي ربّ جي حڪم جي فرمانبرداري ڪندي ۽ اهوئي ان کي جڳائي ٿو (ته سندس فرمانبرداري ڪري.) ﴿٥﴾

يٰۤاَيُّهَا الۡاِنۡسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدۡحًا فَمُلٰقِيۡهِ ﴿٦﴾ فَاَمَّا

اي انسان! بيشڪ تون (چڱائي يا برائيءَ جي بدلي لاءِ) پنهنجي ربّ وٽ (پهچڻ) لاءِ گهڻي ڪوشش ڪندڙ آهين ﴿٦﴾

مَنۡ اُوۡتِىَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيۡنِهٖ ﴿٧﴾ فَسَوۡفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَّسِيۡرًا ﴿٨﴾

رهيو اهو شخص جنهن کي سندس اعمالنامو سندس ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويو ﴿٧﴾ ته پوءِ سگهوئي انهيءَ کان آسانيءَ سان

وَّيَنۡقَلِبُ اِلٰٓى اَهۡلِهٖ مَسۡرُوۡرًا ﴿٩﴾ وَاَمَّا مَنۡ اُوۡتِىَ كِتٰبَهٗ وَرَآءَ

حساب ورتو ويندو ﴿٨﴾ پوءِ اهو پنهنجن گهر وارن (۽ جنت جي حورن) ڏانهن خوشي سان موٽندو ﴿٩﴾ ۽ باقي رهيو اهو

ظَهۡرِهٖ ﴿١٠﴾ فَسَوۡفَ يَدۡعُوۡا ثُبُوۡرًا ﴿١١﴾ وَّيَصۡلٰى سَعِيۡرًا ﴿١٢﴾ اِنَّهٗ كَانَ

شخص جنهن کي سندس اعمالنامو سندس پٺيءَ جي پويان ڏنو ويو ﴿١٠﴾ پوءِ سگهوئي پنهنجي هلاڪت کي پڪاريندو (۽
چوندو ته هاءِ منهنجي بربادي!) ﴿١١﴾ ۽ ٻڙڪندڙ باهه ۾ داخل ٿيندو ﴿١٢﴾ بيشڪ اهو (دنيا ۾) پنهنجن ٻارن ٻچن (۽ پنهنجين

مُعَانَقَة ١٧ عِنْدَ الْمُتَأَخِّرِيْن

فِيْٓ اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا ؕ﴿۱۳﴾ اِنَّهٗ ظَنَّ اَنْ لَّنْ يَّحُوْرَ ۛۚ﴿۱۴﴾ بَلٰٓى ۛۚ اِنَّ رَبَّهٗ

خواهشن) ۾ خوش هو ﴿۱۳﴾ بيشڪ انهيءَ پانيو هو ته (پنهنجي ربّ) ڏانهن ڪڏهن نه موٽندو ﴿۱۴﴾ هائو! سندس ربّ ڪيس

كَانَ بِهٖ بَصِيْرًا ؕ﴿۱۵﴾ فَلَآ اُقْسِمُ بِالشَّفَقِ ۙ﴿۱۶﴾ وَالَّيْلِ وَمَا وَسَقَ ۙ﴿۱۷﴾

ڏسندڙ آهي ﴿۱۵﴾ پوءِ مون ڪي مغرب جي وقت اڀ جي ڳاڙهاڻ جو قسم آهي ﴿۱۶﴾ ۽ رات (۽ انهيءَ مخلوق) جو قسم

وَالْقَمَرِ اِذَا اتَّسَقَ ۙ﴿۱۸﴾ لَتَرْكَبُنَّ طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ ؕ﴿۱۹﴾ فَمَا لَهُمْ لَا

آهي، جنهن کي گڏ ڪري ٿي ﴿۱۷﴾ ۽ چوڏهين جي چنڊ جو قسم، جڏهن پوري طرح روشن ٿيندو آهي ﴿۱۸﴾ (ته اي مؤمنو!) ضرور توهان
(حساب ڪتاب تائين دنيا ۽ آخرت ۾ هڪ منزل کان ٻي منزل تي ۽) هڪ حالت کان ٻي حالت ۾ پهچندا رهندا ﴿۱۹﴾ پوءِ انهن (مڪي وارن)

السَّجْدَة ١٣

يُؤْمِنُوْنَ ۙ﴿۲۰﴾ وَاِذَا قُرِئَ عَلَيْهِمُ الْقُرْاٰنُ لَا يَسْجُدُوْنَ ؕ﴿۲۱﴾ السجدة بَلِ الَّذِيْنَ

کي ڇا ٿيو آهي، جو ايمان نٿا آڻين ﴿۲۰﴾ ۽ جڏهن مٿن قرآن پڙهيو وڃي ٿو ته سجدو نٿا ڪن ﴿۲۱﴾ بلڪ جن ڪفر ڪيو، سي (قرآن

كَفَرُوْا يُكَذِّبُوْنَ ۖ﴿۲۲﴾ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُوْعُوْنَ ۖ﴿۲۳﴾ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ

کي) ڪوڙو ڪن ٿا ﴿۲۲﴾ ۽ (ڪوڙ يا ساڙ) جيڪي ڪجهه پنهنجين دلين ۾ لڪائين ٿا، تنهن کي الله چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ﴿۲۳﴾ پوءِ ڪين

ع ٢٥

اَلِيْمٍ ۙ﴿۲۴﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ع ﴿۲۵﴾

ڏکوئيندڙ عذاب جي خوشخبر ڏي ﴿۲۴﴾ سواءِ انهن جي، جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيائون، انهن لاءِ اڻ کٽ اجر آهي ﴿۲۵﴾

(٨٥) سُوْرَةُ الْبُرُوْجِ مَكِّيَّةٌ (٢٧)

اٰيَاتُهَا ٢٢ | رُكُوْعُهَا ١

سورة البروج مڪي آهي. هن ۾ ٻاويهه آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ ، رحم ڪندڙ آهي.

وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْبُرُوْجِ ۙ﴿۱﴾ وَالْيَوْمِ الْمَوْعُوْدِ ۙ﴿۲﴾ وَشَاهِدٍ وَّمَشْهُوْدٍ ؕ﴿۳﴾

(ٻارهن تارن واري) برجن واري آسمان جو قسم ﴿۱﴾ ۽ قيامت جو قسم ﴿۲﴾ ۽ جمعي جي ڏينهن ۽ عرفي جي ڏينهن جو قسم ﴿۳﴾

قُتِلَ اَصۡحٰبُ الۡاُخۡدُوۡدِ ۙ﴿۴﴾ النَّارِ ذَاتِ الۡوَقُوۡدِ ۙ﴿۵﴾ اِذۡ هُمۡ عَلَيۡهَا قُعُوۡدٌ ۙ﴿۶﴾

ڪاهين وارن تي لعنت ڪئي وئي ﴿۴﴾ پڙڪندڙ باهه جي ڪاهين وارن تي ﴿۵﴾ جڏهن اهي (مؤمنن تي عذاب ڪرڻ لاءِ) اتي

وَّ هُمۡ عَلٰى مَا يَفۡعَلُوۡنَ بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ شُهُوۡدٌ ؕ﴿۷﴾ وَ مَا نَقَمُوۡا مِنۡهُمۡ اِلَّاۤ اَنۡ

(ويجهو) ويٺا هئا ﴿۶﴾ ۽ اهي مؤمنن تي جيڪي (عذاب) ڪري رهيا هئا، ان تي (پنهنجي ڪافر بادشاهه

يُّؤۡمِنُوۡا بِاللّٰهِ الۡعَزِيۡزِ الۡحَمِيۡدِ ۙ﴿۸﴾ الَّذِيۡ لَهٗ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ

جي آڏو يا قيامت جي ڏينهن) گواهي ڏيندڙ هوندا ﴿۷﴾ ۽ انهن (مؤمنن) کان رڳو هن ڪري وير ورتو، جو انهن غالب،
ساراهيل، الله (جي ذات) تي ايمان آندو ﴿۸﴾ (اهو الله پاڪ)، جنهن لاءِ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽

وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيۡءٍ شَهِيۡدٌ ؕ﴿۹﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ فَتَنُوا الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَ

الله ئي هر هڪ شيءِ تي شاهدي ڏيندڙ آهي ﴿۹﴾ بيشڪ جن ماڻهن، مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي عذاب

الۡمُؤۡمِنٰتِ ثُمَّ لَمۡ يَتُوۡبُوۡا فَلَهُمۡ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَ لَهُمۡ عَذَابُ الۡحَرِيۡقِ ؕ﴿۱۰﴾

ڏنو، پوءِ توبهه تائب نه ٿيا، انهن لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ سندن لاءِ ساڙيندڙ باهه جو عذاب آهي ﴿۱۰﴾

اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمۡ جَنّٰتٌ تَجۡرِيۡ مِنۡ تَحۡتِهَا

بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيائون، انهن لاءِ باغ آهن، جن جي (محلات يا جن جي وڻن جي) هيٺان

الۡاَنۡهٰرُ ؕ ذٰلِكَ الۡفَوۡزُ الۡكَبِيۡرُ ؕ﴿۱۱﴾ اِنَّ بَطۡشَ رَبِّكَ لَشَدِيۡدٌ ؕ﴿۱۲﴾ اِنَّهٗ هُوَ

نهرون وهن ٿيون. اها ئي وڏي ڪاميابي آهي ﴿۱۱﴾ بيشڪ تنهنجي ربّ جي پڪڙ ڏاڍي سخت آهي ﴿۱۲﴾ بيشڪ

يُبۡدِئُ وَ يُعِيۡدُ ۚ﴿۱۳﴾ وَ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الۡوَدُوۡدُ ۙ﴿۱۴﴾ ذُو الۡعَرۡشِ الۡمَجِيۡدُ ۙ﴿۱۵﴾

اهو (الله تعاليٰ) ئي پهريون ڀيرو (مخلوق کي) پيدا ڪري ٿو ۽ اهو ئي ٻيو ڀيرو به پيدا ڪندو ﴿۱۳﴾ ۽ اهو ئي (الله فرمانبردارن
کي) معاف فرمائيندڙ ۽ (انهن کي) دوست رکندڙ آهي ﴿۱۴﴾ زبردست عزت واري عرش جو مالڪ آهي ﴿۱۵﴾ جيڪي چاهي ٿو،

فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيۡدُ ؕ﴿۱۶﴾ هَلۡ اَتٰىكَ حَدِيۡثُ الۡجُنُوۡدِ ۙ﴿۱۷﴾ فِرۡعَوۡنَ وَ ثَمُوۡدَ ؕ﴿۱۸﴾

ڪري ٿو ﴿۱۶﴾ ڇا تو وٽ لشڪرن جي خبر نه پهتي؟ ﴿۱۷﴾ فرعون (۽ سندس قوم جي خبر) ۽ (صالح عليه السلام جي قوم) ثمود جي

بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ تَكْذِيْبٍ ﴿١٩﴾ وَّاللّٰهُ مِنْ وَّرَآئِهِمْ مُّحِيْطٌ ﴿٢٠﴾ بَلْ

(خبر) ﴿١٨﴾ بلڪ جن ماڻهن (تنهنجو) ڪفر ڪيو، اهي (توکي، قرآن کي ۽ عذاب کي) ڪوڙو ڪندڙ آهن ﴿١٩﴾ ۽ الله سندن (حال کان) چڱيءَ طرح باخبر آهي، (يعني اهي سندس عذاب کان هرگز بچي نہ سگهندا.) ﴿٢٠﴾ بلڪ (جنهن کي ڪوڙو ڪن ٿا)، اهو

هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ ﴿٢١﴾ فِيْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ ﴿٢٢﴾

وڏي شان وارو قرآن آهي ﴿٢١﴾ (ڦير ڦار کان محفوظ)، لوح محفوظ ۾ لکيل آهي ﴿٢٢﴾

اٰيَاتُهَا ١٧ (٨٦) سُوْرَةُ الطَّارِقِ مَكِّيَّةٌ (٣٦) رُكُوْعُهَا ١

سورة الطارق مڪي آهي. هن ۾ سترنهن آيتن ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عظمت وارو، مهربان، رحم ڪندڙ آهي.

وَالسَّمَآءِ وَالطَّارِقِ ﴿١﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الطَّارِقُ ﴿٢﴾ النَّجْمُ الثَّاقِبُ ﴿٣﴾

آسمان جو قسم! ۽ رات جي وقت ظاهر ٿيڻ واري (تاري) جو قسم! ﴿١﴾ ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ رات جو ظاهر ٿيڻ وارو ڪير آهي؟ ﴿٢﴾ (۽) روشن تاري جو قسم! (هتي تارن جي جنس مراد آهي، تنهن ڪري سڀني تارن جو قسم مراد آهي.) ﴿٣﴾

اِنْ كُلُّ نَفْسٍ لَّمَّا عَلَيْهَا حَافِظٌ ﴿٤﴾ فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ مِمَّ خُلِقَ ﴿٥﴾

بيشڪ هر جيءَ تي هڪڙو محافظ (فرشتو) مقرر آهي ﴿٤﴾ پوءِ (ڪوڙو ڪندڙ) انسان کي ڏسڻ گهرجي تہ ڇا مان پيدا ڪيو ويو

خُلِقَ مِنْ مَّآءٍ دَافِقٍ ﴿٦﴾ يَّخْرُجُ مِنْۢ بَيْنِ الصُّلْبِ وَالتَّرَآئِبِ ﴿٧﴾ اِنَّهٗ عَلٰى

آهي؟ ﴿٥﴾ (ماءُ جي رحم ۾) ٽپي سان نڪرندڙ پاڻي (منيءَ) مان پيدا ڪيو ويو آهي ﴿٦﴾ جيڪو (مرد جي) پٺي ۽

رَجْعِهٖ لَقَادِرٌ ﴿٨﴾ يَوْمَ تُبْلَى السَّرَآئِرُ ﴿٩﴾ فَمَا لَهٗ مِنْ قُوَّةٍ وَّلَا نَاصِرٍ ﴿١٠﴾

(عورت جي) ڇاتيءَ مان نڪرندو آهي ﴿٧﴾ بيشڪ الله کيس موٽائڻ جي قدرت رکندڙ آهي ﴿٨﴾ جنهن ڏينهن (عقيدن، نيتن ۽ عملن جا) راز ظاهر ڪيا ويندا ﴿٩﴾ پوءِ (قيامت جي انڪاريءَ) کي نہ ڪا سگهہ هوندي ۽ نہ (ڪيس عذاب کان بچائيندڙ سندس) ڪو مددگار هوندو ﴿١٠﴾

وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الرَّجْعِ ﴿١١﴾ وَالْاَرْضِ ذَاتِ الصَّدْعِ ﴿١٢﴾ اِنَّهٗ لَقَوْلٌ

۽ قسم آهي مينهن واري آسمان جو ﴿١١﴾ ۽ (اوپڙن کي) ڦاٽائيندڙ زمين جو ﴿١٢﴾ بيشڪ اهو (قرآن حق ۽ باطل ۾) (فيصلو ۽)

فَصْلٌ ﴿١٣﴾ وَّمَا هُوَ بِالْهَزْلِ ﴿١٤﴾ اِنَّهُمْ يَكِيْدُوْنَ كَيْدًا ﴿١٥﴾ وَّاَكِيْدُ

فرق ڪندڙ ھڪ ڪلام آھي ⑬ ۽ اھو باطل نہ آھي ⑭ بيشڪ اھي (مڪي جا ڪافر حقّ ڪي روڪڻ لاءِ) ھڪڙي تدبير ڪن ٿا ⑮

كَيْدًا ﴿١٦﴾ فَمَهِّلِ الْكٰفِرِيْنَ اَمْهِلْهُمْ رُوَيْدًا ﴿١٧﴾ ع

۽ آءٌ بہ ھڪڙي تدبير ڪريان ٿو (يعني آزمائش لاءِ ڪين مهلت ڏيان ٿو.) ⑯ پوءِ ڪافرن ڪي مهلت ڏي، ڪين توري مهلت ڏي ⑰

اٰيَاتُهَا ١٩ (٨٧) سُوْرَةُ الْاَعْلٰى مَكِّيَّةٌ (٨) رُكُوْعُهَا ١

سورة الاعلىٰ مڪي آھي. ھن ۾ اڻويھہ آيتون ۽ ھڪ رڪوع آھي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آھي.

سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلَى ﴿١﴾ الَّذِيْ خَلَقَ فَسَوّٰى ﴿٢﴾ وَالَّذِيْ

پنھنجي مٿانھين شان واري ربّ جي نالي جي تسبيح بيان ڪر (يعني سبحان ربي الاعلىٰ پڙھ) ① (اھو الله) جنھن (ھر شيءِ کي) پيدا ڪري، پوءِ برابر ڪيو، (جيئن برابر ڪرڻ گھرجي.) ② ۽ (اھو الله)، جنھن (ھر شيءِ جي مصلحت مطابق) تقدير مقرر ڪئي، پوءِ

قَدَّرَ فَهَدٰى ﴿٣﴾ وَالَّذِيْٓ اَخْرَجَ الْمَرْعٰى ﴿٤﴾ فَجَعَلَهٗ غُثَآءً

(ان کي) رستو ڏيکاريائين ③ ۽ (اھو الله)، جنھن گاھ پيدا ڪيو ④ پوءِ سائي گاھ کي سڪائي ڪارو ڪيائين ⑤ ۽

اَحْوٰى ﴿٥﴾ سَنُقْرِئُكَ فَلَا تَنْسٰٓى ﴿٦﴾ اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ۭ اِنَّهٗ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) سگھوئي توکي قرآن پڙھائينداسون، پوءِ نہ وساريندين ⑥ مگر جو الله گھري. بيشڪ اھو ظاھر ۽ ڳجھہ کي

يَعْلَمُ الْجَهْرَ وَمَا يَخْفٰى ﴿٧﴾ وَنُيَسِّرُكَ لِلْيُسْرٰى ﴿٨﴾ فَذَكِّرْ اِنْ

(يعني ھر ڳالھہ ۽ ھر ڪم) کي ڄاڻي ٿو ⑦ ۽ سگھوئي تنھنجي لاءِ (شريعت کي) آسان ڪنداسون ⑧ پوءِ نصيحت ڪر،

نَّفَعَتِ الذِّكْرٰى ﴿٩﴾ سَيَذَّكَّرُ مَنْ يَّخْشٰى ﴿١٠﴾ وَيَتَجَنَّبُهَا الْاَشْقَى ﴿١١﴾

جيڪڏھن نصيحت فائدو ڏي ⑨ سگھوئي اھو شخص نصيحت وٺندو، جيڪو (الله کان) ڊڄي ٿو ⑩ ۽ وڏيڪ بدبخت

الَّذِیْ یَصْلَی النَّارَ الْکُبْرٰی ﴿۱۲﴾ ثُمَّ لَا یَمُوْتُ فِیْهَا وَلَا

شخص نصيحت قبول ڪرڻ کان پري رهندو ⑪ جيڪو وڏيءَ باهه ۾ پهچندو ⑫ پوءِ منجهس نه مرندو ۽ نه (فائديمند

یَحْیٰی ﴿۱۳﴾ قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَکّٰی ﴿۱۴﴾ وَ ذَکَرَ اسْمَ رَبِّهٖ فَصَلّٰی ﴿۱۵﴾

حياتيءَ سان) جيئرو رهندو ⑬ بيشڪ جيڪو شخص (شرڪ ۽ نافرمانيءَ کان) پاڪ ٿيو، سو ڪامياب ٿيو ⑭ ۽ پنهنجي ربّ

بَلْ تُؤْثِرُوْنَ الْحَیٰوةَ الدُّنْیَا ﴿۱۶﴾ وَ الْاٰخِرَةُ خَیْرٌ وَّ اَبْقٰی ﴿۱۷﴾

جو نالو ياد ڪيائين، پوءِ (پنج وقتي) نماز پڙهيائين ⑮ بلڪ توهان دنيا جي زندگيءَ کي ترجيح ڏيو ٿا ⑯ ۽ حالانڪ

ع ۱۹/۱۲ اِنَّ هٰذَا لَفِی الصُّحُفِ الْاُوْلٰی ﴿۱۸﴾ صُحُفِ اِبْرٰهِیْمَ وَ مُوْسٰی ﴿۱۹﴾

آخرت پلاري ۽ وڌيڪ بقا واري آهي ⑰ بيشڪ (قد افلح کان ابقيٰ تائين هيءُ بيان) پهرين صحيفن ۾

لکيل آهي ⑱ ابراهيم ۽ موسيٰ جي صحيفن ۾ (بنهي تي الله جون رحمتون هجن) ⑲

اٰیَاتُهَا ۲۶ (۸۸) سُوْرَةُ الْغَاشِیَةِ مَکِّیَّةٌ (۶۸) رُکُوْعُهَا ۱

سورة الغاشية مڪي آهي. هن ۾ ڇويهه آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

هَلْ اَتٰىكَ حَدِیْثُ الْغَاشِیَةِ ﴿۱﴾ وُجُوْهٌ یَّوْمَئِذٍ خَاشِعَةٌ ﴿۲﴾

(اي مُحَمَّد ﷺ!) بيشڪ تو وٽ قيامت جي خبر اچي چڪي ① ان ڏينهن ڪيترا ئي منهن ذليل هوندا ②

عَامِلَةٌ نَّاصِبَةٌ ﴿۳﴾ تَصْلٰی نَارًا حَامِیَةً ﴿۴﴾ تُسْقٰی مِنْ عَیْنٍ

محنت (۽ مصيبت) جا ماريل هوندا (زنجيرن ۾ ٻڌي ڪين دوزخ ۾ اُٺن وانگر گهلبو) ③ پڙڪندڙ باهه ۾ پهچندا ④ ڪين

اٰنِیَةٍ ﴿۵﴾ لَیْسَ لَهُمْ طَعَامٌ اِلَّا مِنْ ضَرِیْعٍ ﴿۶﴾ لَّا یُسْمِنُ وَلَا

ٿهڪندڙ چشمي جو پاڻي پياريو ويندو ⑤ سندن لاءِ ڪنڊن واري وڻ کان سواءِ ڪو کاڌو نه هوندو (اهڙو وڻ، جنهن جي

يُغْنِيْ مِنْ جُوْعٍ ۗ ⑦ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاعِمَةٌ ۙ ⑧ لِّسَعْيِهَا رَاضِيَةٌ ۙ ⑨

ويجهو جانور بہ نہ ويندا آهن) ⑥ جيڪو نہ (جسم کي) ٿلهو ڪندو آهي ۽ نہ بک لاهيندو آهي ⑦ انهيءَ ڏينهن گهڻا منهن (نعمتن
سبب) سرها ۽ سهڻا هوندا ⑧ پنهنجن عملن (جي اجر، الله جي رضا ۽ لقاءَ ۽ دار البقاءِ واري حياتي ملڻ) سبب خوش هوندا ⑨

فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ۙ ⑩ لَّا تَسْمَعُ فِيْهَا لَاغِيَةً ۗ ⑪ فِيْهَا عَيْنٌ

(مقام ۽ مقدار ۾) مٿانهن باغن ۾ هوندا ⑩ اتي ڪا بيهودي ۽ باطل ڳالهہ نہ ٻڌندا ⑪ اتي وهندڙ چشما

جَارِيَةٌ ۘ ⑫ فِيْهَا سُرُرٌ مَّرْفُوْعَةٌ ۙ ⑬ وَّاَكْوَابٌ مَّوْضُوْعَةٌ ۙ ⑭

وقف لازم

آهن ⑫ (اتي مقدار ۾) بلند تخت آهن ⑬ (اتي واهين، چشمن ۽ حوضن تي تارن جي تعداد برابر) پيالا آهن ⑭

وَّنَمَارِقُ مَصْفُوْفَةٌ ۙ ⑮ وَّزَرَابِيُّ مَبْثُوْثَةٌ ۗ ⑯ اَفَلَا يَنْظُرُوْنَ اِلَى

۽ قطارن ۾ رکيل ويهاڻا آهن ⑮ ۽ (رنگا رنگ) غاليچا وڇايل آهن ⑯ ڇا پوءِ (گمراهہ ۽ جنت جا منڪر) اُٺ کي (نٽا

الْاِبِلِ كَيْفَ خُلِقَتْ ⑰ وقفة وَاِلَى السَّمَآءِ كَيْفَ رُفِعَتْ ⑱ وقفة وَاِلَى

ڏسن تہ ڪيئن پيدا ڪيو ويو آهي ⑰ ۽ آسمان کي (نٽا ڏسن تہ) ڪيئن بلند ڪيو ويو آهي ⑱ ۽ جبلن کي (نٽا ڏسن

الْجِبَالِ كَيْفَ نُصِبَتْ ⑲ وقفة وَاِلَى الْاَرْضِ كَيْفَ سُطِحَتْ ⑳ وقفة فَذَكِّرْ ۗ

تہ) ڪيئن کوڙيا ويا آهن ⑲ ۽ زمين ڏانهن (نٽا ڏسن تہ) ان کي ڪيئن وڇايو ويو آهي ⑳ پوءِ (اي مُحَمَّد ﷺ!) نصيحت

اِنَّمَآ اَنْتَ مُذَكِّرٌ ۗ ㉑ لَسْتَ عَلَيْهِمْ بِمُصَيْطِرٍ ۙ ㉒ اِلَّا مَنْ تَوَلّٰى

ڪر، بيشڪ تون رڳو نصيحت ڪندڙ آهين ㉑ سندن (هدايت) لاءِ داروغو نہ آهين ㉒ مگر جيڪو شخص (ايمان کان) منهن

وَكَفَرَ ۙ ㉓ فَيُعَذِّبُهُ اللّٰهُ الْعَذَابَ الْاَكْبَرَ ۗ ㉔ اِنَّ اِلَيْنَآ اِيَابَهُمْ ۙ ㉕

موڙي ۽ ڪافر ٿئي ㉓ تنهن کي الله، (دوزخ جو) وڏو عذاب چکائيندو ㉔ بيشڪ اسان ڏانهن ئي سندن موٽڻ آهي ㉕

ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا حِسَابَهُمْ ㉖ ع

ع ٣٦ ١٣ النصف

پوءِ اسان تي ئي سندن حساب آهي (نہ ان شخص تي جنهن جي منافقت تو کي عجب ۾ وجهي ٿي، نعوذ بالله) ㉖

اٰيَاتُهَا ٣٠ (٨٩) سُوْرَةُ الْفَجْرِ مَكِّيَّةٌ (١٠) رُكُوْعُهَا ١

سورة الفجر مڪي آهي. هن ۾ ٽيهه آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو راحت رسائيندڙ ۽ عام خاص تي احسان (۽) رحم ڪندڙ آهي.

وَ الْفَجْرِ ① وَ لَيَالٍ عَشْرٍ ② وَّ الشَّفْعِ وَ الْوَتْرِ ③ وَ الَّيْلِ اِذَا

(فجر نماز يا ذوالحج يا محرم جي) صبح جو قسم آهي ① ۽ (ذوالحج جي) ڏهن راتين جو قسم آهي ② ۽ ٻَڌي ۽

يَسْرِ ④ هَلْ فِيْ ذٰلِكَ قَسَمٌ لِّذِيْ حِجْرٍ ⑤ اَلَمْ تَرَ كَيْفَ

اِڪي (نمازن يا قرباني، يا عرفي جي ڏينهن، يا خالق ۽ مخلوق) جو قسم آهي ③ ۽ (مزدلفي يا قدر جي) رات جو قسم جڏهن
گذري وڃي ④ بيشڪ اهي شيون عقلمندن وٽ قسم ڪڻ جوڳيون آهن ⑤ ڇا نہ ڏٺئي تہ تنهنجي ربّ عاد وارن سان (ڇا)

فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ ⑥ اِرَمَ ذَاتِ الْعِمَادِ ⑦ الَّتِيْ لَمْ يُخْلَقْ

ڪيو؟ ⑥ (يعني) شهر ارم جي رهندڙن سان، جيڪي وڏي قد بُتَ جا ماڻهو هئا ⑦ شهرن ۾ انهن جهڙي ڪا (قوم يا

مِثْلُهَا فِي الْبِلَادِ ⑧ وَثَمُوْدَ الَّذِيْنَ جَابُوا الصَّخْرَ بِالْوَادِ ⑨

قبيلو) پيدا ناهي ڪيو ويو ⑧ ۽ (صالح عليه السلام جي قوم) ثمود سان (ڇا ڪيائين جيڪي) ماٿري القريٰ ۾ وڏا جبل ٽڪي

وَفِرْعَوْنَ ذِي الْاَوْتَادِ ⑩ الَّذِيْنَ طَغَوْا فِي الْبِلَادِ ⑪ فَاَكْثَرُوْا

رهندا هئا ⑨ ۽ ميخن واري فرعون سان (ڇا ڪيائين، جيڪي سزا ڏيڻ وقت ماڻهوءَ کي چار ڪوڪا هڻي ماريندا هئا، يا منزل ڪندا
هئا تہ اتي ميخن سان تنبو کوڙيندا هئا) ⑩ (يعني اها عاد، ثمود ۽ فرعون جي قوم) جن شهرن ۾ سرڪشي ڪئي ⑪ پوءِ انهن ۾ ڏاڍو

فِيْهَا الْفَسَادَ ⑫ فَصَبَّ عَلَيْهِمْ رَبُّكَ سَوْطَ عَذَابٍ ⑬ اِنَّ رَبَّكَ

فساد ڪيائون ⑫ پوءِ تنهنجي ربّ مٿن (آخرت جي عذاب جي مناسبت سان) عذاب جو چهبڪ وسايو ⑬ بيشڪ

لَبِالْمِرْصَادِ ⑭ فَاَمَّا الْاِنْسَانُ اِذَا مَا ابْتَلٰىهُ رَبُّهٗ فَاَكْرَمَهٗ وَ

تنهنجو ربّ (ٻانهن جي عملن، ڳالهين ۽ احوال تي) نگران آهي ⑭ پوءِ جڏهن انسان کي سندس ربّ عزت ۽ نعمت

نِعَمَهٗ ۙ فَيَقُوْلُ رَبِّيْٓ اَكْرَمَنِ ﴿۱۵﴾ ۭ وَاَمَّآ اِذَا مَا ابْتَلٰىهُ فَقَدَرَ

(۽ مال) ڏئي آزمائيندو آهي، تہ چوندو آهي تہ منهنجي ربّ مون کي عزت ڏني ﴿۱۵﴾ ۽ جڏهن سندس روزي تنگ

عَلَيْهِ رِزْقَهٗ ۙ فَيَقُوْلُ رَبِّيْٓ اَهَانَنِ ﴿۱۶﴾ ۚ كَلَّا بَلْ لَّا تُكْرِمُوْنَ

ڪري، ڪيس آزمائيندو آهي تہ چوندو آهي تہ منهنجي ربّ مون کي ذليل ڪيو ﴿۱۶﴾ ائين هرگز نہ آهي،(جيئن چوي ٿو)،

الْيَتِيْمَ ﴿۱۷﴾ ۙ وَلَا تَحٰٓضُّوْنَ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ﴿۱۸﴾ ۙ وَتَاْكُلُوْنَ

بلڪ توهان يتيمن جي عزت نٿا ڪريو ﴿۱۷﴾ ۽ مسڪين (۽ بي پهچ ماڻهن) کي کاڌي جي کارائڻ جي رغبت نٿا ڏيو ﴿۱۸﴾ ۽

التُّرَاثَ اَكْلًا لَّمًّا ﴿۱۹﴾ ۙ وَّتُحِبُّوْنَ الْمَالَ حُبًّا جَمًّا ﴿۲۰﴾ ۭ كَلَّآ اِذَا دُكَّتِ

(يتيمن جي) ميراث جي مال کي کائو ٿا، (يعني ميراث ۾ پنهنجو پرايو حقّ ملائي کائو ٿا.) ﴿۱۹﴾ ۽ مال جو گهڻو حرص

الْاَرْضُ دَكًّا دَكًّا ﴿۲۱﴾ ۙ وَّجَآءَ رَبُّكَ وَالْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا ﴿۲۲﴾ ۚ وَجِايْٓءَ

رکو ٿا (ايستائين جو ٻين جا حقّ بہ ماريو ٿا) ﴿۲۰﴾ پڪ ڄاڻ تہ (هرگز اهو طريقو مسلمانن جو نہ آهي.) جڏهن زمين کي سَٽي ڪُٽي
برابر ڪيو ويندو ﴿۲۱﴾ ۽ تنهنجي ربّ جو حڪم ايندو ۽ فرشتا صفون ٻڌي لهي ايندا ﴿۲۲﴾ ۽ انهيءَ ڏينهن دوزخ کي آندو ويندو.

يَوْمَىٕذٍۢ بِجَهَنَّمَ ۙ يَوْمَىٕذٍ يَّتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ وَاَنّٰى لَهُ

انهيءَ ڏينهن انسان (ڏاڍي توبہ زاري ڪندو ۽) نصيحت کي ياد ڪندو ۽ ڪيس توبہ ۽ نصيحت ڪٿان فائدو

الذِّكْرٰى ﴿۲۳﴾ ۭ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ قَدَّمْتُ لِحَيَاتِيْ ﴿۲۴﴾ ۚ فَيَوْمَىٕذٍ لَّا يُعَذِّبُ

ڏيندي؟ ﴿۲۳﴾ چوندو تہ جيڪر پنهنجي (آخرت واريءَ هن) زندگيءَ لاءِ ڪجهہ اڳتي موڪليان ها ﴿۲۴﴾ پوءِ انهيءَ

عَذَابَهٗٓ اَحَدٌ ﴿۲۵﴾ ۙ وَّلَا يُوْثِقُ وَثَاقَهٗٓ اَحَدٌ ﴿۲۶﴾ ۭ يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ

ڏينهن الله تعاليٰ جي عذاب وانگر ڪو بہ عذاب نہ ڪندو ﴿۲۵﴾ ۽ نہ ئي الله جي قيد ڪرڻ وانگر ڪو قيد ڪندو. (يعني اهڙو
عذاب ۽ اهڙو قيد دنيا ۾ ڪڏهن ڪٿي ڏٺو نہ ويو هوندو.) ﴿۲۶﴾ (ايمان ۽ تصديق جي دولت سان مالامال) اي اطمينان رکندڙ

الْمُطْمَىٕنَّةُ ﴿۲۷﴾ ۖ ارْجِعِيْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿۲۸﴾ ۚ فَادْخُلِيْ فِيْ

نفس! ﴿۲۷﴾ (هن دنيا کي ڇڏي) رضاء، خوشيءَ سان پنهنجي ربّ (جي حڪم ۽ عمل) ڏانهن موٽي اچ ﴿۲۸﴾ پوءِ منهنجن

عِبٰدِیْ ﴿۲۹﴾ وَادْخُلِیْ جَنَّتِیْ ﴿۳۰﴾

(نيڪ) ٻانهن ۾ داخل ٿيءُ ﴿۲۹﴾ ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿيءُ (اها پڪار موت، قيامت يا جنت ۾ داخل ٿيڻ وقت هوندي. اي الله! اسان کي به انهن ماڻهن ۾ شامل ڪر.) ﴿۳۰﴾

(٩٠) سُوْرَةُ الْبَلَدِ مَكِّيَّةٌ (٣٥)

اٰيَاتُهَا ٢٠ — رُكُوْعُهَا ١

سورة البلد مڪي آهي، هن ۾ ويهہ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿۱﴾ وَ اَنْتَ حِلٌّۢ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿۲﴾ وَوَالِدٍ

آءٌ (هن محترم) شهر (مڪي) جو قسم نٿو کڻان ﴿۱﴾ ۽ (اي محمد ﷺ! فتح مڪي وقت) تولاءِ هن شهر ۾ (هڪ گهڙي

وَّ مَا وَلَدَ ﴿۳﴾ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ ﴿۴﴾ اَيَحْسَبُ اَنْ

ويڙهه) حلال آهي ﴿۲﴾ (۽ اي محمد ﷺ! تنهنجي مبارڪ وجود) ۽ جيڪو (پاڪ) اولاد ڄڻي ٿو ۽ جيڪو (پاڪ) اولاد پيدا ٿئي ٿو، ان جو قسم! ﴿۳﴾ بيشڪ اسان انسان کي تڪليف ۽ سختيءَ ۾ پيدا ڪيو آهي ﴿۴﴾ ڇا انسان گمان ڪري ٿو تہ مٿس الله قدرت نٿو

لَّنْ يَّقْدِرَ عَلَيْهِ اَحَدٌ ﴿۵﴾ يَقُوْلُ اَهْلَكْتُ مَالًا لُّبَدًا ﴿۶﴾ اَيَحْسَبُ

وقف لازم

رکي؟ ﴿۵﴾ (الله جي حبيب ﷺ سان فخر ۽ دشمني ڪندي چوي ٿو ۽ ڪوڙ ٿو) چوي تہ مون گهڻو مال خرچ ڪيو ﴿۶﴾ ڇا پائي ٿو

اَنْ لَّمْ يَرَهٗٓ اَحَدٌ ﴿۷﴾ اَلَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ عَيْنَيْنِ ﴿۸﴾ وَلِسَانًا وَّشَفَتَيْنِ ﴿۹﴾ وَ

تہ ڪيس ڪو نٿو ڏسي (تہ ڪيترو مال خرچ ڪيو اٿس؟) ﴿۷﴾ ڇا اسان ڪيس بہ اکيون نہ ڏنيون؟ ﴿۸﴾ ۽ زبان ۽ ٻہ چپ ڏنا؟ ﴿۹﴾ ۽ ڪيس

هَدَيْنٰهُ النَّجْدَيْنِ ﴿۱۰﴾ فَلَا اقْتَحَمَ الْعَقَبَةَ ﴿۱۱﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْعَقَبَةُ ﴿۱۲﴾

(برائي ۽ ڀلائي جا) ٻہ رستا ڏيکاريا سون ﴿۱۰﴾ پوءِ پڪ (تڪليف سان) گهاٽيءَ ۾ گهڙندو ﴿۱۱﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) تو کي ڪهڙي خبر

فَكُّ رَقَبَةٍ ﴿۱۳﴾ اَوْ اِطْعٰمٌ فِيْ يَوْمٍ ذِيْ مَسْغَبَةٍ ﴿۱۴﴾ يَّتِيْمًا ذَا مَقْرَبَةٍ ﴿۱۵﴾

تہ گهاٽي ڇا آهي؟ ﴿۱۲﴾ هڪ غلام کي آزاد ڪرڻ ﴿۱۳﴾ يا سختيءَ ۽ بک جي ڏينهن ۾ کاڌو کارائڻ ﴿۱۴﴾ ڪنهن ويجهي يتيم کي ﴿۱۵﴾

اَوْ مِسْكِيْنًا ذَا مَتْرَبَةٍ ﴿١٦﴾ ثُمَّ كَانَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَوَاصَوْا

يا مٽي ۾ پريل مسڪين کي ﴿١٦﴾ پوءِ اهو انهن مان ٿيندو، جن ايمان آندو ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت

بِالصَّبْرِ وَتَوَاصَوْا بِالْمَرْحَمَةِ ﴿١٧﴾ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ﴿١٨﴾ وَالَّذِيْنَ

ڪيائون ۽ خلق تي ٻاجھ ڪرڻ جي وصيت ڪيائون ﴿١٧﴾ انهن صفتن وارا ماڻهو ئي ساڄي پاسي وارا آهن ﴿١٨﴾ ۽ جيڪي

كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا هُمْ اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ﴿١٩﴾ عَلَيْهِمْ نَارٌ مُّؤْصَدَةٌ ﴿٢٠﴾ ع

اسان جي آيتن جا انڪاري ٿيا، سي کاٻي پاسي وارا آهن ﴿١٩﴾ کين هر طرف کان باھ وڪوڙي ويندي ﴿٢٠﴾

(٩١) سُوْرَةُ الشَّمْسِ مَكِّيَّةٌ (٢٦)

اٰيَاتُهَا ١٥ — رُكُوْعُهَا ١

سورة الشمس مڪي آهي. هن ۾ پندرهن آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

وَالشَّمْسِ وَضُحٰهَا ﴿١﴾ وَالْقَمَرِ اِذَا تَلٰهَا ﴿٢﴾ وَالنَّهَارِ اِذَا

سج ۽ روشنيءَ جو قسم ﴿١﴾ ۽ چنڊ جو قسم، جڏهن (مهيني جي پهرين اڌ ۾) سج جي پويان ايندو آهي ﴿٢﴾ ۽ ڏينهن جو قسم،

جَلّٰهَا ﴿٣﴾ وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰهَا ﴿٤﴾ وَالسَّمَآءِ وَمَا بَنٰهَا ﴿٥﴾

جڏهن (زمين يا دنيا ۾) سوجهرو ڪندو آهي ﴿٣﴾ ۽ رات جو قسم، جڏهن (سج) کي ڍڪيندي آهي ﴿٤﴾ ۽ آسمان ۽ ان جي ناهيندڙ

وَالْاَرْضِ وَمَا طَحٰهَا ﴿٦﴾ وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰىهَا ﴿٧﴾ فَاَلْهَمَهَا

جو قسم ﴿٥﴾ ۽ زمين ۽ ان جي وڇائيندڙ جو قسم ﴿٦﴾ ۽ (هر) نفس ۽ جنهن کي ان برابر ڪيو، تنهن جو قسم ﴿٧﴾ پوءِ ان ڏانهن سندس

فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰىهَا ﴿٨﴾ قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ﴿٩﴾ وَقَدْ خَابَ مَنْ

بدڪاري ۽ سندس پرهيزگاري الهام ڪيائين ﴿٨﴾ بيشڪ ڪامياب ٿيو، اهو شخص جنهن پنهنجي نفس کي (ڪفر ۽

دَسّٰىهَا ﴿١٠﴾ كَذَّبَتۡ ثَمُوۡدُ بِطَغۡوٰىهَاۤ ﴿١١﴾ اِذِ انۡۢبَعَثَ اَشۡقٰىهَا ﴿١٢﴾

نافرمانيءَ کان) پاڪ ڪيو ⑨ ۽ بيشڪ نا ڪام ٿيو، اهو شخص جنهن پنهنجي نفس کي (ڪفر ۽ نافرمانيءَ ۾) خراب ڪيو ⑩ ثمود (صالح
کي) پنهنجي (سرڪشيءَ وچان) ڪوڙو ڪيو ⑪ جڏهن انهن مان سڀ کان وڏو بدبخت (ڏاچيءَ کي ماريندڙ، قدار بن سالف) اٿيو ⑫

فَقَالَ لَهُمۡ رَسُوۡلُ اللّٰهِ نَاقَةَ اللّٰهِ وَ سُقۡيٰهَا ﴿١٣﴾ فَكَذَّبُوۡهُ

پوءِ الله جي رسول (صالح عليه السلام) کين چيو ته (پاڻيءَ جي واريءَ جي ڏينهن) الله جي ڏاچي کي پاڻي پيئڻ لاءِ ڇڏي

فَعَقَرُوۡهَا ۙ۬ فَدَمۡدَمَ عَلَيۡهِمۡ رَبُّهُمۡ بِذَنۡۢبِهِمۡ فَسَوّٰىهَا ﴿١٤﴾ وَ

ڏيو ⑬ پوءِ صالح عليه السلام کي ڪوڙو ڪيائون پوءِ ڏاچيءَ کي مارايائون. پوءِ سندن ربّ سندن گناهه سبب سندن پاڙ پٽي

لَا يَخَافُ عُقۡبٰهَا ﴿١٥﴾ ع

ع ١٥/١٦

ڇڏي (۽ هر ننڍي وڏي کي) برابر ڪري ڇڏيائين ⑭ ۽ الله سندن (هلاڪت جي) پڇاڙيءَ کان نٿو ڊڃي ⑮

ايَاتُهَا ٢١ (٩٢) سُوۡرَةُ الَّيۡلِ مَكِّيَّةٌ (٩) رُكُوۡعُهَا ١

سورة الليل مڪي آهي. هن ۾ ايڪيهه آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

وَالَّيۡلِ اِذَا يَغۡشٰى ﴿١﴾ وَالنَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى ﴿٢﴾ وَمَا خَلَقَ الذَّكَرَ

رات جو قسم جڏهن (اپ کي) ڍڪيندي آهي ① ۽ ڏينهن جو قسم جڏهن روشن ٿيندو آهي ② ۽ (قسم آهي الله جو، جنهن) مرد ۽

وَالۡاُنۡثٰۤى ﴿٣﴾ اِنَّ سَعۡيَكُمۡ لَشَتّٰى ﴿٤﴾ فَاَمَّا مَنۡ اَعۡطٰى وَاتَّقٰى ﴿٥﴾ وَ

عورت کي پيدا ڪيو ③ بيشڪ توهان جون ڪوششون جدا جدا آهن ④ پوءِ جنهن (الله جي واٽ ۾ مال) ڏنو ۽ (الله جي نافرمانيءَ

صَدَّقَ بِالۡحُسۡنٰى ﴿٦﴾ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلۡيُسۡرٰى ﴿٧﴾ وَ اَمَّا مَنۡۢ بَخِلَ

کان) پاڻ کي بچايائين ⑤ ۽ سچي ڳالهه (يعني جنت يا دين اسلام جي) تصديق ڪيائين ⑥ ته سندس لاءِ (خاتمه بالخير ۽ جنت جي

وَ اسْتَغْنٰی ۙ﴿۸﴾ وَ كَذَّبَ بِالْحُسْنٰی ۙ﴿۹﴾ فَسَنُیَسِّرُهٗ لِلْعُسْرٰی ؕ﴿۱۰﴾

منزل کي) سگهوئي آسان ڪندا سون ﴿۷﴾ ۽ جنهن ڪنجوسي ۽ بي پرواهي ڪئي (يعني ابوجهل) ﴿۸﴾ ۽ نيڪي (يعني جنت جي
عقيدي ۽ دين اسلام) کي ڪوڙو ڪيائين ﴿۹﴾ تہ سگهوئي سندس لاءِ سختيءَ (يعني براين ۽ عذاب جي واٽ) کي آسان ڪنداسون ﴿۱۰﴾

وَمَا یُغْنِیْ عَنْهُ مَالُهٗۤ اِذَا تَرَدّٰی ؕ﴿۱۱﴾ اِنَّ عَلَیْنَا لَلْهُدٰی ۫ۖ﴿۱۲﴾

جڏهن (مرندو يا دوزخ ۾) اونڌو ڪِرندو تہ ڪيس سندس مال بلڪل بچائي نہ سگهندو ﴿۱۱﴾ بيشڪ اسان تي ئي هدايت جي

وَاِنَّ لَنَا لَلْاٰخِرَةَ وَالْاُوْلٰی ﴿۱۳﴾ فَاَنْذَرْتُكُمْ نَارًا تَلَظّٰی ۚ﴿۱۴﴾ لَا

واٽ ڏيکارڻ آهي ﴿۱۲﴾ ۽ آخرت ۽ دنيا اسان جي ئي (هٿ ۾) آهي (پوءِ جيڪو غير الله کان اهي شيون گهرندو، تنهن کي هرگز
حاصل نہ ٿينديون.) ﴿۱۳﴾ پوءِ توهان کي ڀڙڪندڙ باھ کان ڊيڄاري چڪو آهيان ﴿۱۴﴾ جنهن ۾ اهو ئي داخل ٿيندو، جيڪو سڀ کان وڏو

یَصْلٰىهَاۤ اِلَّا الْاَشْقَی ۙ﴿۱۵﴾ الَّذِیْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰی ؕ﴿۱۶﴾ وَسَیُجَنَّبُهَا

بدبخت هوندو (يعني ابوجهل.) ﴿۱۵﴾ جنهن (الله ۽ سندس رسول ﷺ سڳوري کي) ڪوڙو ڪيو ۽ (ايمان کان) منهن موڙيو ﴿۱۶﴾

الْاَتْقَی ۙ﴿۱۷﴾ الَّذِیْ یُؤْتِیْ مَالَهٗ یَتَزَكّٰی ۚ﴿۱۸﴾ وَمَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ مِنْ

۽ ضرور ان کان اهو شخص بچندو، جيڪو پرهيزگار آهي (يعني حضرت ابوبڪر رضي الله عنه) ﴿۱۷﴾ جيڪو (پنهنجي نفس کي)
پاڪ ڪرڻ لاءِ مال ڏئي ٿو ﴿۱۸﴾ ۽ مٿس ڪنهن جو احسان نہ آهي، جنهن جو اهو بار لاهي ﴿۱۹﴾ پر پنهنجي مٿانهين شان

نِّعْمَةٍ تُجْزٰۤی ۙ﴿۱۹﴾ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰی ۚ﴿۲۰﴾ وَلَسَوْفَ یَرْضٰی ۧ﴿۲۱﴾ ع ۲۱/۱۷

واري ربّ جي رضا لاءِ مال خرچ ڪري ٿو ﴿۲۰﴾ ۽ سگهوئي (انهن ڀلائين جي ثواب کان) راضي ٿيندو ﴿۲۱﴾

اٰیَاتُهَا ۱۱ — (۹۳) سُوْرَةُ الضُّحٰی مَكِّیَّةٌ (۱۱) — رُکُوْعُهَا ۱

سورة الضحىٰ مڪي آهي هن ۾ يارنهن آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي.

وَ الضُّحٰی ۙ﴿۱﴾ وَ الَّیْلِ اِذَا سَجٰی ۙ﴿۲﴾ مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰی ؕ﴿۳﴾

چاشت يا ڏينهن جو قسم ﴿۱﴾ ۽ رات جو قسم، جڏهن ڍڪيندي آهي ﴿۲﴾ تنهنجي ربّ نہ توکي ڇڏيو ۽ نہ توکان ناراض ٿيو ﴿۳﴾

وَ لَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى ﴿٤﴾ وَ لَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ

۽ تنهنجي لاءِ آخرت، دنيا کان چڱي آهي ﴿٤﴾ ۽ جلد تنهنجو ربّ توکي (شفاعت جو مقام) ڏيندو، پوءِ راضي ٿيندين

فَتَرْضٰى ﴿٥﴾ اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰى ﴿٦﴾ وَ وَجَدَكَ ضَآلًّا

(۽ سندن فرمان آهي ته جيستائين منهنجي امت جي بخشش نه ٿيندي، آءٌ راضي نه ٿيندس.) ﴿٥﴾ ڇا توکي يتيم نه لڌائين، پوءِ توکي (پنهنجي چاچي ابوطالب وٽ) جاءِ ڏنائين ﴿٦﴾ ۽ توکي (علم، يا شريعت، يا پنهنجي چاچي، يا پنهنجي ماءُ) کان سواءِ

فَهَدٰى ﴿٧﴾ وَ وَجَدَكَ عَآئِلًا فَاَغْنٰى ﴿٨﴾ فَاَمَّا الْيَتِيْمَ فَلَا تَقْهَرْ ﴿٩﴾

لڌائين، پوءِ توکي واٽ ڏيکاريائين ﴿٧﴾ ۽ توکي مسڪين لڌائين پوءِ توکي (خديجه رضہ جي مال يا مال غنيمت سان) غني

وَ اَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ﴿١٠﴾ وَ اَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ ﴿١١﴾ ع

ڪيائين ﴿٨﴾ پوءِ رهيو يتيم ته ان تي (سندس مال، يا حقّ ۾) سختي نه ڪر (جو پنهنجي يتيميءَ ڪي ياد ڪري) ﴿٩﴾ ۽ سواليءَ ڪي نه جهڙڪ (جو پنهنجي فقيريءَ ڪي ياد ڪري) ﴿١٠﴾ ۽ پنهنجي ربّ جي نعمت (يعني قرآن ڪي ماڻهن لاءِ) بيان ڪر ﴿١١﴾

اٰيَاتُهَا ٨ — (٩٤) سُوْرَةُ اَلَمْ نَشْرَحْ مَكِّيَّةٌ (١٢) — رُكُوْعُهَا ١

سورة الم نشرح مڪي آهي. هن ۾ اٺ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عام خاص تي رحم ڪندڙ آهي.

اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ ﴿١﴾ وَ وَضَعْنَا عَنْكَ وِزْرَكَ ﴿٢﴾

(اي مُحمّد ﷺ!) ڇا اسان تنهنجي سيني ڪي (ايمان، نعمت، علم ۽ حڪمت لاءِ) نه کوليو ﴿١﴾ ۽ تو تان (اڳين امتن يا

الَّذِيْٓ اَنْقَضَ ظَهْرَكَ ﴿٣﴾ وَ رَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ ﴿٤﴾ فَاِنَّ مَعَ

جاهليت جي دور جي تڪليفن جو) بار لاٿوسون ﴿٢﴾ اهو بار، جنهن تنهنجي پٺي ٽوڙي ڇڏي هئي ﴿٣﴾ ۽ تنهنجي ذڪر ڪي بلند ڪيوسون، (جو منهنجو نالو وٺن ٿا ته منهنجي نالي سان گڏ تنهنجو نالو به وٺن ٿا.) ﴿٤﴾ پوءِ بيشڪ تنگي سان گڏ آساني

الْعُسْرِ يُسْرًا ﴿٥﴾ اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ﴿٦﴾ فَاِذَا فَرَغْتَ فَانْصَبْ ﴿٧﴾

آهي ﴿٥﴾ بيشڪ تنگي سان گڏ آساني آهي ﴿٦﴾ پوءِ جڏهن (نماز کان) فارغ ٿئين ته پوءِ (دعا ۾) مشغول ٿيءُ ﴿٧﴾

وَ اِلٰى رَبِّكَ فَارْغَبْ ﴿٨﴾ ع

۽ پنهنجي ربّ (جي فضل ۽ رحمت) ڏانهن رغبت ڪر ⑧

اٰيَاتُهَا ٨ (٩٥) سُوْرَةُ التِّيْنِ مَكِّيَّةٌ (٢٨) رُكُوْعُهَا ١

سورة التين مڪي آهي. هن ۾ اٺ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عام خاص تي رحم ڪندڙ آهي.

وَ التِّيْنِ وَ الزَّيْتُوْنِ ﴿١﴾ وَ طُوْرِ سِيْنِيْنَ ﴿٢﴾ وَ هٰذَا الْبَلَدِ

قسم آهي جبل تين جو ۽ قسم آهي زيتون جو ① ۽ قسم آهي جبل طورسينا جو ② ۽ قسم آهي هن امن واري

الْاَمِيْنِ ﴿٣﴾ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ ﴿٤﴾

شهر جو ③ بيشڪ اسان انسان کي ڏاڍي سهڻي صورت ۾ پيدا ڪيو ④ پوءِ (ناشڪريءَ جي ڪري)، ڪيس سڀ کان

ثُمَّ رَدَدْنٰهُ اَسْفَلَ سٰفِلِيْنَ ﴿٥﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

هيٺاهين حالت ڏانهن موٽايوسون (يعني ان کي دوزخي يا جهور پوڙهائپ واري حالت ۾ ڪيوسون) ⑤ مگر جن ايمان

وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ﴿٦﴾

آندو ۽ چڱا عمل ڪيائون، تن لاءِ اڻ کٽ اجر آهي ⑥ (اي انسان! حساب ڪتاب بابت حجت قائم ٿيڻ کان) پوءِ ڪهڙي

فَمَا يُكَذِّبُكَ بَعْدُ بِالدِّيْنِ ﴿٧﴾ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَحْكَمِ

ڳالھ توکي جزا جي ڏينهن کي ڪوڙو ڪرڻ تي اياري ٿي؟ ⑦ چا الله سڀ کان چڱو حاڪم نہ آهي (هائو! ۽ آءٌ انهيءَ

الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨﴾ ع

جي حق ۾ شاهدي ڏيندڙ آهيان.) ⑧

(٩٦) سُوْرَةُ الْعَلَقِ مَكِّيَّةٌ (١)

اٰيَاتُهَا ١٩ — رُكُوْعُهَا ١

سورة العلق مڪي آهي. هن ۾ اڻويهه آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي.

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِیْ خَلَقَ ① خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ②

پڙهه پنهنجي ربّ جي نالي سان، جنهن (مخلوق کي) خلقيو (يعني تلاوت جي شروعات ۾ بسم الله پڙهندو ڪر.) ①

اِقْرَاْ وَرَبُّكَ الْاَكْرَمُ ③ الَّذِیْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ④ عَلَّمَ الْاِنْسَانَ

انسان کي جميل رت مان پيدا ڪيائين ② پڙهه ۽ تنهنجو ربّ ڏاڍو ٻاجهارو آهي ③ (اهو ٻاجهارو الله)، جنهن قلم سان
(انسان کي لکڻ) سيکاريو ④ انسان کي اهو سيکاريائين، جيڪو نه ڄاڻندو هو، (يعني لکڻ يا آدم عليه السلام کي

مَا لَمْ یَعْلَمْ ⑤ كَلَّاۤ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَیَطْغٰۤی ⑥ اَنْ رَّاٰهُ اسْتَغْنٰی ⑦

سيني شين جا نالا سيکاريائين.) ⑤ بيشڪ انسان سرڪشي ڪري ٿو ⑥ جو پاڻ کي بي پرواهه ڏسي ٿو ⑦

اِنَّ اِلٰی رَبِّكَ الرُّجْعٰی ⑧ اَرَءَیْتَ الَّذِیْ یَنْهٰی ⑨ عَبْدًا اِذَا صَلّٰی ⑩

بيشڪ (سيني کي) تنهنجي ربّ ڏانهن موٽڻو آهي ⑧ (اي محمّد ﷺ!) ڇا تو ڏٺو، انهيءَ شخص کي جيڪو روڪي ٿو؟ ⑨

اَرَءَیْتَ اِنْ كَانَ عَلَی الْهُدٰۤی ⑪ اَوْ اَمَرَ بِالتَّقْوٰی ⑫ اَرَءَیْتَ اِنْ

ٻانهي کي، جڏهن نماز پڙهندو آهي ⑩ (اي نماز کان روڪيندڙ ابوجهل! مون کي) ٻڌاءِ ته جيڪڏهن اهو هدايت تي هجي ⑪ يا
پرهيزگاري جو حڪم ڪري ⑫ (وري مون کي) ٻڌاءِ ته جيڪڏهن (حقّ کي) ڪوڙو ڪري ۽ (سچي دين کان) منهن موڙي ⑬ ڇا نٿو ڄاڻي ته

كَذَّبَ وَتَوَلّٰی ⑬ اَلَمْ یَعْلَمْ بِاَنَّ اللّٰهَ یَرٰی ⑭ كَلَّا لَىِٕنْ لَّمْ

الله (هدايت ۽ گمراهي تي هلندڙ کي) ڏسي رهيو آهي (۽ هر هڪ کي ان جي جزا يا سزا ڏيندو.) ⑭ خبردار! جيڪڏهن

یَنْتَهِ ۙ۬ لَنَسْفَعًۢا بِالنَّاصِیَةِ ⑮ نَاصِیَةٍ كَاذِبَةٍ خَاطِئَةٍ ⑯ فَلْیَدْعُ

(ابوجهل) باز نه آيو ته يقيناً ان کي پيشانيءَ کان گهليندا سون ⑮ ڪوڙي گنهگار شخص جي پيشانيءَ کي ⑯ پوءِ

نَادِيَهٗ ﴿١٧﴾ سَنَدْعُ الزَّبَانِيَةَ ﴿١٨﴾ كَلَّا ؕ لَا تُطِعْهُ وَاسْجُدْ وَاقْتَرِبْ ﴿١٩﴾

پلي هو پنهنجيءَ مجلس وارن کي سڏي ﴿١٧﴾ سگهوئي اسين عذاب ڏيندڙ فرشتن کي سڏيندا سون ﴿١٨﴾ (جيئن ابوجهل پائيي تو، تيئن هرگز نہ آهي. (اي مُحَمَّد ﷺ!) هرگز سندس پيروي نہ ڪر ۽ (الله کي) سجدو ڪر (۽ فرمانبرداري ڪندي سندس) ويجهڙائي حاصل ڪر ﴿١٩﴾

(٩٧) سُوْرَةُ الْقَدْرِ مَكِّيَّةٌ (٢٥)

اٰيَاتُهَا ٥ — رُكُوْعُهَا ١

سورة القدر مڪي آهي. هن ۾ پنج آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ. رحم ڪندڙ آهي.

اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ ﴿١﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا لَيْلَةُ الْقَدْرِ ﴿٢﴾ لَيْلَةُ

بيشڪ اسان هن (قرآن) کي (لوح محفوظ مان دنياوي آسمان تي هڪ ڀيري) قدر جي رات ۾ لاٿو ﴿١﴾ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) تو کي ڪهڙي خبر

الْقَدْرِ ۙ خَيْرٌ مِّنْ اَلْفِ شَهْرٍ ﴿٣﴾ تَنَزَّلُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ فِيْهَا

تہ قدر جي رات ڇا آهي ﴿٢﴾ قدر جي رات هزار مهينن کان ڀلاري آهي ﴿٣﴾ انهيءَ ۾ فرشتا (۽ سندن سردار) جبرئيل عليه السلام پنهنجي رب

بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ۚ مِّنْ كُلِّ اَمْرٍ ﴿٤﴾ سَلٰمٌ ۛ هِيَ حَتّٰى مَطْلَعِ الْفَجْرِ ﴿٥﴾

جي حڪم سان لهن ٿا (انهيءَ سال جي هر ڪم جي پوري ڪرڻ لاءِ) ﴿٤﴾ اها رات صبح ٿيڻ تائين سلامتيءَ واري هوندي آهي ﴿٥﴾

(٩٨) سُوْرَةُ الْبَيِّنَةِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٠)

اٰيَاتُهَا ٨ — رُكُوْعُهَا ١

سورة البينة مدني آهي. هن ۾ اٺ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جنهن جي رحمت ۽ روزي دنيا ۾ عام ۽ آخرت ۾ (مؤمنن لاءِ) خاص آهي.

لَمْ يَكُنِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَالْمُشْرِكِيْنَ مُنْفَكِّيْنَ

ڪتاب وارن (يهودين ۽ عيسائين) مان جيڪي ڪافر ٿيا ۽ مشرڪ (عربَ ڪفر ڪان) مُڙڻ وارا نہ هئا، تانجو وٽن دليل

حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ الْبَيِّنَةُ ۙ﴿۱﴾ رَسُوْلٌ مِّنَ اللّٰهِ يَتْلُوْا صُحُفًا مُّطَهَّرَةً ۙ﴿۲﴾

(يعني محمد ﷺ) آيو ① پاڻ الله جي طرفان هڪ رسول آهي، جيڪو (مٿن باطل کان) پاڪ ڪتاب پڙهي ٿو ②

فِيْهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ ؕ﴿۳﴾ وَمَا تَفَرَّقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ

جنهن ۾ محڪم آيتون لکيل آهن ③ ۽ اهل ڪتاب جي (ڪافرن محمد ﷺ جي نبوت جي باري ۾) حجت

بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنَةُ ؕ﴿۴﴾ وَمَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ

اچڻ کان پوءِ ئي پاڻ ۾ تفرقي بازي ڪئي ④ ۽ ڪتاب وارن کي (سندن ڪتابن ۾) رڳو هيءُ حڪم ڏنو ويو آهي

لَهُ الدِّيْنَ ۙ۬ حُنَفَآءَ وَيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوا الزَّكٰوةَ وَذٰلِكَ دِيْنُ

تہ باطل کي ڇڏي حق ڏانهن لاڙو ڪن ۽ الله لاءِ دين کي خالص ڪندي، سندس عبادت ڪن ۽ نماز قائم ڪن

الْقَيِّمَةِ ؕ﴿۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَالْمُشْرِكِيْنَ

۽ زڪوٰة ڏين (۽ اها ئي ملت) ۽ اهو ئي دين سڌو ۽ سچو (دين) آهي ⑤ بيشڪ ڪتاب وارن ۽ مشرڪن مان جيڪي

فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ اُولٰٓئِكَ هُمْ شَرُّ الْبَرِيَّةِ ؕ﴿۶﴾

ڪافر ٿيا، اهي جهنم جي باھ ۾ سدائين رهڻ وارا آهن، اهي ماڻهو سڀ کان بڇڙي مخلوق آهن ⑥

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمْ خَيْرُ الْبَرِيَّةِ ؕ﴿۷﴾

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيائون، اهي سڀ کان ڀلاري مخلوق آهن ⑦ سندن ربّ وٽ سندن بدلو سدائين رهندڙ

جَزَآؤُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ

باغ آهن، جن جي (وڻن يا محلات جي) هيٺان نهرون وهن ٿيون، اهي منجهن هميشہ هميشہ رهندڙ آهن. الله انهن کان

فِيْهَآ اَبَدًا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهٗ ﴿۸﴾ ع

راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي ٿيا، اهو (بدلو) آهي، انهيءَ شخص جو جيڪو پنهنجي ربّ کان ڊڄي ٿو ⑧

اٰيَاتُهَا ٨ (٩٩) سُوْرَةُ الزِّلْزَالِ مَدَنِيَّةٌ (٩٣) رُكُوْعُهَا ١

سورة الزلزال مدني آهي. هن ۾ اٺ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي.

اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ زِلْزَالَهَا ۝١ وَاَخْرَجَتِ الْاَرْضُ اَثْقَالَهَا ۝٢ وَ

جڏهن ڌرتيءَ کي زور سان سان ڌوڏيو ويندو، سخت ڌوڏڻ ① ۽ زمين پنهنجا بار (يعني خزانا ۽ مٽا) ٻاهر ڪڍي اڇلائيندي ② ۽

قَالَ الْاِنْسَانُ مَا لَهَا ۝٣ يَوْمَئِذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا ۝٤ بِاَنَّ رَبَّكَ اَوْحٰى

انسان (يعني ڪافر) چوندو ته ان کي ڇا ٿيو آهي ③ ان ڏينهن زمين پنهنجون خبرون بيان ڪندي (ته ڪنهن ڪهڙا ڪم ڪيا) ④

لَهَا ۝٥ يَوْمَئِذٍ يَّصْدُرُ النَّاسُ اَشْتَاتًا ۙ لِّيُرَوْا اَعْمَالَهُمْ ۝٦ فَمَنْ

ڇاڪاڻ ته تنهنجي ربّ ان ڏانهن الهام ڪيو ⑤ ان ڏينهن ماڻهو (پنهنجين قبرن مان نڪري) مختلف ٽولين ۾ ايندا، جيئن ڪين سندن

يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ۝٧ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ۝٨ ع

عمل ڏيکاريا وڃن ⑥ پوءِ (نيڪن مان) جنهن ذري برابر نيڪي ڪئي، تنهن کي (اعمالنامي يا جنت ۾ اجر جي صورت ۾) ڏسندو ⑦
۽ جنهن (بدبخت) ذري برابر برائي ڪئي، تنهن کي (اعمالنامي يا دوزخ ۾ سزا جي صورت ۾) ڏسندو (الله جي پناه!) ⑧

اٰيَاتُهَا ١١ (١٠٠) سُوْرَةُ الْعٰدِيٰتِ مَكِّيَّةٌ (١٤) رُكُوْعُهَا ١

سورة العاديات مڪي آهي. هن ۾ يارنهن آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو بخشڻهار، رحم ڪندڙ آهي.

وَالْعٰدِيٰتِ ضَبْحًا ۝١ فَالْمُوْرِيٰتِ قَدْحًا ۝٢ فَالْمُغِيْرٰتِ صُبْحًا ۝٣

هانبارو هڻي ڊوڙندڙ (غازين جي) گهوڙن جو قسم ① پوءِ (پٿرن تي سنب هڻي) چڻگاريون ڪڍندڙ گهوڙن جو قسم ②

فَاَثَرْنَ بِهٖ نَقْعًا ۝٤ فَوَسَطْنَ بِهٖ جَمْعًا ۝٥ اِنَّ الْاِنْسَانَ لِرَبِّهٖ

پوءِ صبح جي وقت (الله جي دشمنن تي) راتاهو هڻندڙن جو قسم ۝٣ پوءِ (جيڪي) انهيءَ وقت يا انهيءَ هنڌ مٽيءَ جي دز اڏارين ٿا، (تن جو قسم!) ۝٤ پوءِ (جيڪي) ان وقت يا مٽيءَ جي ان لڙائي ۾ (دين جي دشمن) فوجن ۾ گهڙي وڃن ٿا، (تن جو قسم!) ۝٥

لَكَنُوْدٌ ۝٦ وَاِنَّهٗ عَلٰى ذٰلِكَ لَشَهِيْدٌ ۝٧ وَاِنَّهٗ لِحُبِّ الْخَيْرِ

بيشڪ انسان پنهنجي ربّ (جي نعمتن) جي ناشڪري ڪندڙ آهي ۝٦ ۽ بيشڪ اهو انهيءَ (ناشڪريءَ) تي پاڻ شاهد

لَشَدِيْدٌ ۝٨ اَفَلَا يَعْلَمُ اِذَا بُعْثِرَ مَا فِى الْقُبُوْرِ ۝٩ وَحُصِّلَ

آهي ۝٧ ۽ بيشڪ مال جي محبت سبب اهو سخت (بخيل) آهي ۝٨ ڇا پوءِ نٿو ڄاڻي، اهو وقت جڏهن قبرن مان اهو

ع ١١ ٢٥ مَا فِى الصُّدُوْرِ ۝١٠ اِنَّ رَبَّهُمْ بِهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّخَبِيْرٌ ۝١١

سڀ ڪجهه ڪڍيو ويندو، جيڪي بہ انهن جي اندر آهي ۝٩ ۽ (ڪفر ۽ ايمان جون اهي سموريون ڳالهيون) روشن ۽ ظاهر ڪيون ويندون، جيڪي سينن ۾ آهن ۝١٠ بيشڪ سندن ربّ انهيءَ ڏينهن (انهن جي حال جي) يقيناً خبر رکندڙ آهي ۝١١

اٰيَاتُهَا ١١ (١٠١) سُوْرَةُ الْقَارِعَةِ مَكِّيَّةٌ (٣٠) رُكُوْعُهَا ١

سورة القارعة مڪي آهي. هن ۾ يارنهن آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو ڏاڍو ٻاجهارو نهايت رحم ڪندڙ آهي.

اَلْقَارِعَةُ ۝١ مَا الْقَارِعَةُ ۝٢ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْقَارِعَةُ ۝٣ يَوْمَ

قيامت ۝١ ڪهڙي حقيقت آهي قيامت جي ۝٢ ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!) توکي ڪهڙي خبر تہ قيامت جو ڏينهن ڪهڙو آهي ۝٣ انهيءَ

يَكُوْنُ النَّاسُ كَالْفَرَاشِ الْمَبْثُوْثِ ۝٤ وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ

ڏينهن ماڻهو (خوف وچان) پتنگڙن وانگر ٿي ويندا (نہ ڄاڻندا تہ ڪٿان ڪان ڪٿي ٿا ڪرن) ۝٤ ۽ جبل پڃيل، رنگيل اُن وانگر

الْمَنْفُوْشِ ۝٥ فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ ۝٦ فَهُوَ فِىْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ ۝٧

ٿي ويندا ۝٥ پوءِ رهيو اهو شخص جنهن جي (نيڪ عملن جا) پُڙ ڳرا ٿيا ۝٦ تہ اهو خوشيءَ جي زندگي گذاريندو ۝٧

وَاَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ ﴿٨﴾ فَاُمُّهٗ هَاوِيَةٌ ﴿٩﴾ وَمَآ اَدْرٰكَ مَا هِيَهْ ﴿١٠﴾

۽ باقي رهيو اهو شخص، جنهن (جي عملن) جا پُڙ هلڪا ٿيا ﴿٨﴾ تہ سندس ٺڪاڻو هاويہ آهي ﴿٩﴾ ۽ (اي مُحمّد ﷺ!) تو کي ڪهڙي خبر تہ

نَارٌ حَامِيَةٌ ﴿١١﴾ ع

اها ڇا آهي؟ ﴿١٠﴾ اها پڙڪندڙ باهہ آهي. (الله حضرت محمد ﷺ جي حرمت جي صدقي اسان کي ان کان بچائي.) ﴿١١﴾

اٰيَاتُهَا ٨ (١٠٢) سُوْرَةُ التَّكَاثُرِ مَكِّيَّةٌ (١٦) رُكُوْعُهَا ١

سورة التڪاثر مڪي آهي. هن ۾ اٺ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جنهن جي رحمت دنيا ۾ عام ۽ آخرت ۾ مؤمنن لاءِ خاص آهي.

اَلْهٰىكُمُ التَّكَاثُرُ ﴿١﴾ حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ ﴿٢﴾ كَلَّا سَوْفَ

(مال، اولاد ۽ الله جي اطاعت ۾) گهٽائيءَ توهان کي هڪ ٻئي تي فخر ڪندي غافل ڪري ڇڏيو ﴿١﴾ تانجو توهان قبرستان ۾
وڃي پهتا (يعني مئن تي فخر ۾ لڳي ويا) ﴿٢﴾ هرگز نہ! (ڪاميابي ۽ نجات، فخر ۽ مال جي گهڻائي تي نہ آهي.) سگهو ئي

تَعْلَمُوْنَ ﴿٣﴾ ثُمَّ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤﴾ كَلَّا لَوْ تَعْلَمُوْنَ

توهان (سڪرات ۾) ڄاڻندا (تہ ڪهڙين ڳالهين ۾ توهان مشغول هئا) ﴿٣﴾ پوءِ هرگز نہ! (ڪاميابي مال جي گهڻائيءَ تي نہ آهي)
سگهو ئي توهان (قيامت ۾) ڄاڻندا (تہ توهان پاڻ سان ڇا ڪيو) ﴿٤﴾ هرگز (قصو ائين) نہ آهي (جيئن پانيو ٿا) جيڪر (قصي ڪي)

عِلْمَ الْيَقِيْنِ ﴿٥﴾ لَتَرَوُنَّ الْجَحِيْمَ ﴿٦﴾ ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا

يقيني طرح ڄاڻو ها ﴿٥﴾ پوءِ پڪ سان (۽ قسم سان) توهان ضرور ان کي يقين جي اک سان ڏسندا ﴿٦﴾ وري ضرور ان کي يقين جي

عَيْنَ الْيَقِيْنِ ﴿٧﴾ ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ

اک سان ڏسندا ﴿٧﴾ پوءِ انهيءَ ڏينهن ضرور (امن، مال، تندرستي ۽ عافيت ۽ ٻين) نعمتن جي باري ۾ توهان کان پڇا ڪئي

النَّعِيْمِ ﴿٨﴾ ع

ويندي (تہ توهان انهن کي ڪيئن استعمال ڪيو؟) ﴿٨﴾

اٰيَاتُهَا ٣ (١٠٣) سُوْرَةُ الْعَصْرِ مَكِّيَّةٌ (١٣) رُكُوْعُهَا ١

سورة العصر مڪي آهي. هن ۾ ٽي آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

وَالْعَصْرِ ① اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِیْ خُسْرٍ ② اِلَّا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا

زماني جو (يا رات جو) قسم ① بيشڪ انسان يقينًا نقصان ۾ آهي ② سواءِ انهن جي، جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم

الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ۬ وَ تَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ③ ع

ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي حق جي وصيت ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪيائون ③

اٰيَاتُهَا ٩ (١٠٤) سُوْرَةُ الْهُمَزَةِ مَكِّيَّةٌ (٣٢) رُكُوْعُهَا ١

سورة الهمزة مڪي آهي. هن ۾ نَوَ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عام ۽ خاص تي رحم ڪندڙ آهي.

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِ ① الَّذِیْ جَمَعَ مَالًا وَّ عَدَّدَهٗ ②

هر عيب ڪيندڙ ۽ چغلي هڻندڙ لاءِ خرابي آهي ① جنهن مال ڪي گڏ ڪيو ۽ (ايندڙ زماني لاءِ) ان کي ڳڻي رکيائين ② ڀانئي

يَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗۤ اَخْلَدَهٗ ③ كَلَّا لَيُنْۢبَذَنَّ فِی الْحُطَمَةِ ④

ٿو ته (دنيا ۾) سندس مال ان کي هميشه رهندو (تانجو ڪيس موت به نه ايندو) ③ (ائين) هرگز نه آهي (جيئن ڀانئي ٿو)، الله جو

وَمَاۤ اَدْرٰىكَ مَا الْحُطَمَةُ ⑤ نَارُ اللّٰهِ الْمُوْقَدَةُ ⑥ الَّتِیْ تَطَّلِعُ

قسم!) ڪيس ضرور حطمه ۾ وڌو ويندو ④ ۽ (اي محمد ﷺ!) تو کي ڪهڙي خبر ته حطمه ڇا آهي ⑤ الله جي ٻاريل باهه آهي ⑥

عَلَى الْاَفْـِٕدَةِ ۝ اِنَّهَا عَلَيْهِمْ مُّؤْصَدَةٌ ۝ فِيْ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ ۝

جيڪا دلين تي چڙهندي (الله جي پناه!) ۝ بيشڪ اهي انهيءَ ۾ بند ڪيا ويندا۝ (۽) باهه جي ڊگهن ڊگهن ٿنڀن ۾ ٻڌل هوندا (جيئن يقين ڪن ته اتان هرگز ڪين ڪوليو نه ويندو. اي الله! اسان کي باهه کان بچاءِ.) ۝

(١٠٥) سُوْرَةُ الْفِيْلِ مَكِّيَّةٌ (١٩)

اٰيَاتُهَا ٥ رُكُوْعُهَا ١

سورة الفيل مڪي آهي. هن ۾ پنج آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصْحٰبِ الْفِيْلِ ۝ اَلَمْ يَجْعَلْ

(اي محمد ﷺ!) ڇا نه ڏٺئي (يعني نه ٻڌئي) ته تنهنجي ربّ هاٿين وارن سان ڇا ڪيو؟ (جيڪي ڪعبت الله شريف کي ڊاهڻ

كَيْدَهُمْ فِيْ تَضْلِيْلٍ ۝ وَّاَرْسَلَ عَلَيْهِمْ طَيْرًا اَبَابِيْلَ ۝

آيا هئا.) ۝ ڇا سندن تدبير کي ناڪام (۽ باطل) نه ڪيائين ۝ ۽ مٿن پکين جا ولرن مٿان ولر موڪليائين ۝ جيڪي انهن

تَرْمِيْهِمْ بِحِجَارَةٍ مِّنْ سِجِّيْلٍ ۝ فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ مَّاْكُوْلٍ ۝

تي (پڪل مٽي يعني) ڪنڪريٽ جون پٿريون اڇلائي رهيا هئا ۝ پوءِ ڪين کاڌل گاهه وانگر ڪري ڇڏيائين ۝

(١٠٦) سُوْرَةُ قُرَيْشٍ مَكِّيَّةٌ (٢٩)

اٰيَاتُهَا ٤ رُكُوْعُهَا ١

سورة قريش مڪي آهي. هن ۾ چار آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو عطا ڪندڙ ۽ گناهن کي ڍڪيندڙ آهي.

لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ ۝ اٖلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَالصَّيْفِ ۝ فَلْيَعْبُدُوْا

قريش جي محبت (۽ سڪ) پيدا ڪرڻ لاءِ ۝ سياري ۽ اونهاري جي مسافري ۾ سندن محبت (۽ سڪ) پيدا ڪرڻ لاءِ ۝ پوءِ گهر جي

رَبَّ هٰذَا الْبَيْتِ ﴿٣﴾ الَّذِيْٓ اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ ۙ٥ وَّاٰمَنَهُمْ

تہ ھن گھر (ڪعبت الله) جي ربّ جي عبادت ڪن ﴿٣﴾ (اھو الله) جنھن ڪين (پورو سال مسافريءَ ۾) بک ۾ ڪار ايو ۽ ڪين خوف کان

مِّنْ خَوْفٍ ﴿٤﴾ ع

امن ڏنو (يعني بيون نعمتون ياد ڪري الله جي نافرمانيءَ کان نٽا ڊڄو تہ اھا ظاهري نعمت ئي ياد ڪري الله کان ڊڄو) ﴿٤﴾

(١٠٧) سُوْرَةُ الْمَاعُوْنِ مَكِّيَّةٌ (١٧)

اٰيَاتُهَا ٧ رُكُوْعُهَا ١

سورة الماعون مڪي آهي. هن ۾ ست آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو روزي ڏيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يُكَذِّبُ بِالدِّيْنِ ﴿١﴾ فَذٰلِكَ الَّذِيْ

(اي محمد ﷺ!) ڇا ڏٺئي (يعني سڃاتئي) انهيءَ کي، جيڪو بدلي جي ڏينهن کي ڪوڙو ڪري ٿو (يعني عاص بن وائل کي) ﴿١﴾

يَدُعُّ الْيَتِيْمَ ﴿٢﴾ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ﴿٣﴾

پوءِ اهو ئي آهي، جيڪو يتيم کي ڌڪا ۽ ڌڙڪا ڏئي ٿو ﴿٢﴾ ۽ مسڪين (کي ڀاڻ نٽو ڪارائي، پر پنهنجن گھر وارن کي بہ ان) جي

فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ﴿٤﴾ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ

کاڌي ڪارائڻ تي نٽو اڀاري ﴿٣﴾ پوءِ ويل آهي نمازين لاءِ ﴿٤﴾ جيڪي پنهنجين نمازن ۾ سستي (۽ غفلت) ڪن ٿا (تانجو وقت تنگ ٿي

سَاهُوْنَ ﴿٥﴾ الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ ﴿٦﴾ وَيَمْنَعُوْنَ

ويندو آهي.) ﴿٥﴾ جيڪي (ماڻهن جي) ڏيکاءَ لاءِ نماز پڙهن ٿا ﴿٦﴾ ۽ (حقدارن کي زڪوٰة يا پاڙيسرين کي) ننڍيون گھريلو شيون بہ

الْمَاعُوْنَ ﴿٧﴾ ع

ڏيڻ کان منع ڪن ٿا (مثلاً ديڳڙي، لوٽ، چمچو، ڇري ۽ اهو بہ نٽا سوچين تہ پاڙيسريءَ جو ڪيڏو حق آهي؟) ﴿٧﴾

آيَاتُهَا ٣ (١٠٨) سُوْرَةُ الْكَوْثَرِ مَكِّيَّةٌ (١٥) رُكُوْعُهَا ١

سورة الكوثر مڪي آهي. هن ۾ ٽي آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو واجب الوجود، فياض ۽ عام خاص تي رحم ڪندڙ آهي.

اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ ۝١ فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانْحَرْ ۝٢ اِنَّ شَانِئَكَ هُوَ

(اي مُحَمَّد ﷺ!) بيشڪ اسان توکي گھڻو خير ڏنو آهي ① پوءِ پنهنجي ربّ لاءِ (پنج وقتي يا عيد الضحيٰ جي) نماز پڙھ ۽

الْاَبْتَرُ ۝٣ ع

قرباني ڪر ② بيشڪ تنهنجو دشمن (عاص بن وائل) ئي نِپٽو ۽ بي نسل آهي ③

آيَاتُهَا ٦ (١٠٩) سُوْرَةُ الْكٰفِرُوْنَ مَكِّيَّةٌ (١٨) رُكُوْعُهَا ١

سورة الڪافرون مڪي آهي. هن ۾ ڇهه آيتون هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو بخشڻهار، ٻاجهارو، گناهن تي ڍَڪُ رکندڙ، بردبار، مهربان ۽ رحم ڪندڙ آهي.

قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ۝١ لَآ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ۝٢ وَلَآ اَنْتُمْ

(اي محمد ﷺ! جيڪي ڪافر توکي چون ٿا ته هڪ سال تون اسان جي معبودن جي عبادت ڪر، هڪ سال اسين تنهنجي معبود جي عبادت
ڪنداسون، تن کي) فرماءِ ته اي ڪافرو! ① آءٌ ڪڏهن انهن جي عبادت نه ڪندس، جن جي توهان عبادت ڪريو ٿا ② ۽ نه توهان (الله) جي

عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ۝٣ وَلَآ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ۝٤ وَلَآ اَنْتُمْ

عبادت ڪندڙ آهيو، جنهن جي آءٌ عبادت ڪريان ٿو ③ ۽ نه آءٌ انهن جي عبادت ڪندس جن جي توهان عبادت ڪريو ٿا ④ ۽ نه توهان

عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ۝٥ لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ ۝٦ ع

(الله) جي عبادت ڪرڻ وارا آهيو، جنهن جي آءٌ عبادت ڪريان ٿو ⑤ توهان لاءِ توهان جو دين ۽ منهنجي لاءِ منهنجو دين آهي ⑥

اٰيَاتُهَا ٣ (١١٠) سُوْرَةُ النَّصْرِ مَدَنِيَّةٌ (١١٤) رُكُوْعُهَا ١

سورة النصر مدني آهي، هن ۾ ٽي آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو تعظيم جي لائق ۽ عام خاص ڪي روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَالْفَتْحُ ۙ ① وَرَاَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُوْنَ فِيْ دِيْنِ

جڏهن الله جي مدد ۽ (مڪي جي) فتح اچي ① ۽ (اي مُحَمَّد ﷺ!)تون ڏسين ته ماڻهو ٽولين جون ٽوليون الله جي

اللّٰهِ اَفْوَاجًا ۙ ② فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَاسْتَغْفِرْهُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا ۧ ③

دين ۾ داخل ٿي رهيا آهن ② ته پوءِ پنهنجي ربّ جي ساراهه سان سندس پاڪائي بيان ڪر ۽ انهيءَ کان بخشش گهر، بيشڪ اهو ٿي توبه قبول ڪندڙ آهي. (سندس شان مٿانهون، سندس احسان عام آهي ۽ ان کان سواءِ ڪو معبود نه آهي) ③

اٰيَاتُهَا ٥ (١١١) سُوْرَةُ اللَّهَبِ مَكِّيَّةٌ (٦) رُكُوْعُهَا ١

سورة اللهب مڪي آهي، هن ۾ پنج آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو تعظيم جي لائق ۽ عام خاص ڪي روزي ڏيندڙ، رحم ڪندڙ آهي.

تَبَّتْ يَدَآ اَبِيْ لَهَبٍ وَّتَبَّ ؕ ① مَآ اَغْنٰى عَنْهُ مَالُهٗ وَمَا كَسَبَ ؕ ②

ابو لهب جا ٻئي هٿ ڀڳا ۽ اهو نقصان وارو ٿيو ① سندس مال ۽ سندس ڪمائي ڪيس (الله جي عذاب کان) بچائي نه سگهيا ②

سَيَصْلٰى نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ ۚۖ ③ وَّامْرَاَتُهٗ ؕ حَمَّالَةَ الْحَطَبِ ۚ ④ فِيْ

سگهو ئي ڄيبون هڻندڙ باهه ۾ پهچندو ③ (پاڻ به) ۽ سندس (بدبخت) زال (ابوسفيان جي ڀيڻ ام جميل به، جيڪا پنهنجي جهانن جي سردار حضرت محمد ﷺ جن جي واٽ ۾ ڪنڊا وڇائيندي هئي. پنهنجي زال مڙس تي ڦٽڪار ۽ لعنت هجي) جيڪا ڪاٺيون کڻندڙ

جِيْدِهَا حَبْلٌ مِّنْ مَّسَدٍ ۧ ⑤

آهي ④ سندس ڳچيءَ ۾ ڪاٻر جي رسي آهي، (جنهن سان پيري ٻڌندي هئي ۽ "جهڙي ڪرڻي، تهڙي پرڻي" جي اصول مطابق ڪيس باهه جي زنجيرن ۾ ٻڌي، سندس پٺيءَ تي دوزخ جي ڪاٺين جي پيري ٻڌي ويندي.) ⑤

(١١٢) سُوۡرَةُ الۡاِخۡلَاصِ مَكِّيَّةٌ (٢٢)

اٰيَاتُهَا ٤ رُكُوۡعُهَا ١

سورة الاخلاص مڪي آهي. هن ۾ چار آيتون هڪ رڪوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو تعظيم جي لائق، واحد، فرد، صانع، پيدا ڪندڙ، عام خاص تي رحم ڪندڙ آهي.

قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ ① اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ ② لَمۡ يَلِدۡ ۙ وَلَمۡ

فرماءِ (اي محمد ﷺ! امر ۾ شان اهو آهي ته) اهو الله اڪيلو (معبود) آهي، (سندس ڪو ثاني نه آهي) ① الله (پناه ڏيندڙ) بي پرواهه آهي. (سندس وڏائيءَ جو شان هيءُ آهي ته هر وڏائيءَ جي آخري حد سندس بارگاه تائين پهچندي آهي.) ② نه انهيءَ ڪنهن

يُوۡلَدۡ ۙ ③ وَلَمۡ يَكُنۡ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ④ ع

ع ١ / ٣٧

ڪي ڄڻيو آهي (جو اهو ڪنهن جي ماءُ ٿئي) ۽ نه ئي ڪو شخص انهيءَ مان ڄائو آهي، (جو اهو ڪنهن جو پيءُ ٿئي.) ③ ۽ ڪو هڪ به ان جي برابر ۽ ان جهڙو نه آهي. (نه اڳ هو، نه هاڻي آهي ۽ نڪي آئنده ٿيندو.) ④

(١١٣) سُوۡرَةُ الۡفَلَقِ مَكِّيَّةٌ (٢٠)

اٰيَاتُهَا ٥ رُكُوۡعُهَا ١

سورة الفلق مڪي آهي. هن ۾ پنج آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو تعظيم جي لائق، واحد، فرد، صانع، پيدا ڪندڙ، عام خاص تي رحم ڪندڙ آهي.

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ ۙ ① مِنۡ شَرِّ مَا خَلَقَ ۙ ② وَمِنۡ شَرِّ

(اي مُحَمَّدُ ﷺ!) فرماءِ ته صبح جي ربّ جي پناهه وٺان ٿو ① برائي کان جيڪا انهيءَ پيدا ڪئي آهي ② ۽ رات جي اونداهي جي

غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ۙ ③ وَمِنۡ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِى الۡعُقَدِ ۙ ④ وَمِنۡ شَرِّ

برائي کان، جڏهن اها پکڙبي آهي ③ ۽ ڳنڍين ۾ ڦوڪيندڙ (جادوگر عورتن) جي برائي کان ④ ۽ حسد ڪندڙ جي برائيءَ کان،

حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ⑤ ع

ع ٥ / ٣٨

جڏهن پنهنجو ساڙ ۽ حسد ظاهر ڪري، (يعني لبيد، بليد، پليد، لعنتي يهودي جنهن نبي ﷺ تي جادو ڪيو.) ⑤

ايَاتُهَا ٦ (١١٤) سُوْرَةُ النَّاسِ مَكِّيَّةٌ (٢١) رُكُوْعُهَا ١

سورة الناس مڪي آهي. هن ۾ ڇهه آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو تعظيم جي لائق، واحد، فرد، صانع، پيدا ڪندڙ، عام خاص تي رحم ڪندڙ آهي.

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ① مَلِكِ النَّاسِ ② اِلٰهِ النَّاسِ ③

(اي مُحَمَّد ﷺ!) فرماءِ ته ماڻهن جي ربّ جي پناهه وٺان ٿو ① ماڻهن جي بادشاهه جي ② ماڻهن جي معبود جي ③

مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ ۙ الْخَنَّاسِ ④ الَّذِيْ يُوَسْوِسُ فِيْ صُدُوْرِ

وسوسو وجهندڙ (شيطان) جي برائيءَ کان، (جيڪو الله جي ذڪر وقت) پوئتي هٽي ويندو آهي ④ (اهو شيطان) جيڪو

النَّاسِ ⑤ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ ⑥ ع

ماڻهن جي سينن ۾ وسوسو وجهندو آهي ⑤ جنن مان هجي يا ماڻهن مان ⑥

ع ٦ ٣٩

دُعَاءُ خَتْمِ الْقُرْاٰنِ الْعَظِيْمِ

اَللّٰهُمَّ اٰنِسْ وَحْشَتِيْ فِيْ قَبْرِيْ. اَللّٰهُمَّ ارْحَمْنِيْ بِالْقُرْاٰنِ الْعَظِيْمِ

وَاجْعَلْهُ لِيْ اِمَامًا وَّ نُوْرًا وَّهُدًى وَّرَحْمَةً. اَللّٰهُمَّ ذَكِّرْنِيْ مِنْهُ

مَا نَسِيْتُ وَعَلِّمْنِيْ مِنْهُ مَا جَهِلْتُ وَارْزُقْنِيْ تِلَاوَتَهٗ اٰنَاءَ

الَّيْلِ وَاٰنَاءَ النَّهَارِ وَاجْعَلْهُ لِيْ حُجَّةً يَّا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ.

قرآن مجيد جي وقفن جون نشانيون

هر هڪ ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ جڏهن گفتگو ڪندا آهن ته ڪٿي بيهندا آهن، ڪٿي نه بيهندا آهن. ڪٿي گهٽ بيهندا آهن، ڪٿي وڌيڪ بيهندا آهن، جنهن تي بيان جي صحت جو دارومدار آهي ۽ ان سان مطلب ڪي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي آهي. ڪلام الله به ڳالهه ٻولهه جي انداز ۾ آهي. انهيءَ ڪري علم وارن ان جي رڪجڻ ۽ نه رڪجڻ جون نشانيون مقرر ڪيون آهن. جن کي "رموز اوقاف" يعني قرآن مجيد جي وقفن جا نشان چون ٿا. ضروري آهي ته قرآن مجيد جي تلاوت ڪندڙ انهن رمزن ۽ نشانين کي سمجهي، جن مان ڪي هي آهن:

○ جتي ڳالهه پوري ٿيندي آهي، اتي گول نشان لکندا آهن. اها حقيقت ۾ وقف تام يا رڪجڻ جي علامت آهي. ان کي آيت چون ٿا. يعني ان جاءِ تي رڪجڻ گهرجي.

م هيءَ علامت يا نشاني وقف لازم جي آهي. اتي ضرور رڪجڻ گهرجي. جيڪڏهن نه رڪبو ته گمان آهي ته مطلب چا جو چا ٿي وڃي. ان جو مثال سنڌيءَ ۾ هيئن سمجهڻ گهرجي ته ڪنهن کي چوڻو هجي ته اُٿو، نه ويهو. جنهن ۾ اٿڻ جو امر ۽ ويهڻ جي منع آهي. هاڻي جيڪڏهن اتي نه رُڪبو ته "اٿو نه"، "ويهو." ٿي پوندو، جنهن ۾ اٿڻ جي منع ۽ ويهڻ جي حڪم جو گمان آهي ۽ اها ڳالهه چوڻ واري جي مطلب جي خلاف ٿيندي.

ط وقف مطلق جي نشاني آهي، ان تي رڪجڻ گهرجي، پر اها علامت اُتي هوندي آهي، جتي مطلب پورو نه ٿئي ۽ ڳالهه چوڻ وارو اڃا ڪجهه ٻيو به چوڻ گهري.

ج وقف جائز جي علامت آهي. هتي رڪجڻ چڱو ۽ نه رڪجڻ جائز آهي.

ز علامت وقف مجوز جي آهي. هتي نه رڪجڻ چڱو آهي.

ص علامت وقف مرخص جي آهي. هتي ملائي پڙهڻ گهرجي، پر جيڪڏهن ڪو ٿڪجي پوي ۽ بيهي رهي ته اجازت آهي. واضح هجي ته ص جي علامت تي ملائي پڙهڻ ز جي نسبت وڌيڪ ترجيح جوڳي ڳالهه آهي.

صلے "الوصل اوليٰ" جو اختصار آهي. هتي ملائي پڙهڻ بهتر آهي.

ق "قيل عليه الوقف" جو خلاصو يا تت آهي. هتي رڪجڻ نه گهرجي.

صل "قد يوصل" جي علامت آهي. يعني هتي ڪڏهن رڪجي ۽ ڪڏهن نه رڪجي، پر رڪجڻ چڱو آهي.

قف هي لفظ "قف" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي رڪجي وڃو ۽ اها علامت اتي ڪم ايندي آهي، جتي ملائي پڙهڻ جو امڪان هجي.

س "سڪتي" جي علامت آهي. هتي ٿورو رڪجڻ گهرجي، پر ساهه ٽٽڻ نه گهرجي.

وقفه ڊگهي سڪتي جي علامت آهي. هتي سڪته کان وڌيڪ رڪجڻ گهرجي، پر ساهه نه ٽوڙجي. سڪتي ۽ وقفي ۾ فرق هي آهي ته سڪتي ۾ گهٽ رڪجڻو پوي ٿو ۽ وقفي ۾ وڌيڪ رڪبو آهي.

لا "لا" جي معنيٰ آهي نه. هيءَ علامت ڪٿي آيت جي مٿان استعمال ٿيندي آهي ۽ ڪٿي عبارت ۾ اندر ايندي آهي. عبارت جي اندر هجي ته هرگز نه رڪجي. آيت جي مٿان هجي ته ان ۾ اختلاف آهي. ڪن وٽ رڪجڻ گهرجي ۽ ڪن وٽ نه رڪجڻ گهرجي، پر رڪجي يا نه رڪجي، ان سان مطلب ۾ خلل نٿو پوي. البت اها نشاني عبارت جي اندر هجي ته ان جاءِ تي وقف ڪرڻ نه گهرجي.

ڪ "ڪذالڪ" جي علامت آهي يعني جيڪا رمز پهرين آهي، اها ئي هتي سمجهي وڃي.



تصديق نامو

سنڌي أدبي بورڊ ڄام شورو طرفان حضرت غوث ألحق مخدوم نُوح سرور عليه رحمة جي فارسي ترجمہ قرآن جي سنڌي ترجمي سان ڇپيل قرآن پاڪ جي عربي متن کي انتهائي عرق زيري سان وزارتِ مذهبي امور جي مصحيحن (دُرستيون ڪندڙن) طرفان پڙهيو ويو آهي.

تصديق ڪجي ٿي تہ بفضلہٖ تعاليٰ مذڪوره قرآن پاڪ جي عربي متن ۾ أعراب زير زبر پيش وغيره جي ڪا بہ غلطي نہ آهي. جيڪڏهن ڇپائيءَ وقت ڪو لفظ رهجي وڃي يا مس جو ڇنو ٿي پوي تہ اسان جي ذميواري نہ آهي.

دستخط

27/02/007

(مولانا حافظ) محمد ايوب بندھاني
ريسرچ و رجسٹریشن آفيسر اوقاف سندھ
حيدرآباد

تاريخ: 27-02-2007

مطابق

9 صفر المظفر 1428ھ

دَارُالعُلُومُ الاِسلَامِيه رجسٽرڊ نمبر SK-46

بسم الله الرحمن الرحيم

حضرت مخدوم نوح سرور رح جي فارسي ترجمه قرآن مجيد جي سنڌي ترجمي جو تصديق نامو

از علامة الدهر بقية السلف مولانا محمد سليمان طاهر انڙ،
مدير ماهوار "الحماد" هاليجي شريف،
اڳوڻو ڊائريڪٽر شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد.
اڳوڻو مدير اعليٰ ماهوار الولي ۽ ماهوار الرحيم حيدرآباد

محترم سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ

يقينا توهان جي اداري سنڌي ادبي بورڊ لاءِ اها هڪ وڏي سعادت ۽ خوشيءَ جي ڳالهه آهي تہ توهان ڏهين صدي هجري جي جڳ مشهور علمي، ديني ۽ روحاني شخصيت حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور هالائي سنڌي رحمة الله عليه جي فارسي ترجمه قرآن مجيد جي سنڌي ترجمي جي ڇپائي جو اهتمام ڪيو آهي. اطمينان جي ڳالهه آهي تہ ان جو سنڌي ترجمو سنڌ جي هڪ فقير منش، الله لوڪ محقق، عالم دين، حافظ قرآن، علم حديث جي ڄاڻو ۽ قابل اعتماد مترجم مولانا سعيد احمد پٽي ڪيو آهي. جن ڪيترن اهم ڪتابن جا ترجما ڪري اهل علم کان خراج تحسين حاصل ڪيو آهي. موصوف کي عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي ٻولين تي سٺي دسترس حاصل آهي. بخاري شريف ۽ بياض واحدي جو سنڌي ترجمو ان جو مثال آهي. مون ذڪر ڪيل فارسي ترجمي جي سنڌي ترجمي جو مطالعو ڪيو آهي، جيڪو مخدوم نوح رح جي فارسي ترجمي جي عين مطابق آهي. آءُ انهيءَ ترجمي جي تصديق ڪندي هن حقيقت جو اظهار ڪريان ٿو تہ اهو سنڌي ترجمو اعتماد ۽ ڀروسي لائق آهي. مان توهان کي گذارش ڪندس تہ قرآن مجيد جي انهيءَ ڄاڻايل سنڌي ترجمي کي جلد شائع ڪريو تہ جيئن سنڌ جا مسلمان نور جي انهيءَ ازلي ۽ ابدي نديءَ مان فيضياب ۽ انهيءَ سرمدي سرچشمي مان سيراب ٿين ۽ اسان جو هي سڀاڳو سنڌي سماج قرآن مجيد جو فهم ۽ شعور حاصل ڪري، ان جي برڪتن سان مالامال ٿئي ۽ پنهنجا ٻئي جهان سڌاري ۽ سنواري سگهي. آمين

والسلام

مهتمم
دارالعلوم الاسلاميه
پنوعاقل، سنڌ
محمد سليمان طاهر

۱۳ ذي القعده ۱۴۲۸ھ

فاضل جامعه دينيه دارالهديٰ ٺيڙهي شريف
مهتمم دارالعلوم الاسلاميه پنوعاقل
مدير ماهوار "الحماد" هاليجي شريف

انيڙ ڪالوني نزد ريلوي اسٽيشن پنوعاقل سنڌ
فون: 071-5003899 موبائيل: 0333-2726625

مخدوم نوح سرور عليه الرحمة جي فارسي ترجمه قرآن جي سنڌي ترجمي جي

تقريظ

استاذ العلماءِ، رئيس المحققين، علامه، مولانا، ڊاڪٽر محمد ادريس السندي آف ڪنڊيارو

علامه قاسمي صاحب ۾ بين محققن جيتوڻيڪ بزرگ بن شهريار جي ڪتاب "عجائب الهند" جي حوالي سان لکيو آهي تہ پهريون ترجمو قرآن مجيد جو سنڌي ٻولي ۾ ٿيو هو، جيڪو سنڌ ۾ آيل هڪ عراقي عالم ڪيو هو، اها ڳالهہ شايد مکمل ترجمه قرآن جي باري ۾ آهي، ورنہ تہ قرآن شريف جي ڪنهن بہ حصي جو ترجمو سڀ کان پهريائين فارسي ٻولي ۾ ٿيو. جيڪو حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه سوره فاتحه جي فارسي ترجمي جي صورت ۾ تيار ڪيو هو. علامه سرخسي لکي ٿو:

روي ان الفرس ڪتبوا الي سلمان رضي الله عنه ان يڪتب لهم الفاتحة بالفارسية وڪانوا يقرؤن ذٰلک في الصلاة حتي لانت السنتهم للعربية (1) (روايت آهي تہ فارس وارن حضرت سلمان فارسي ڏانهن لکيو تہ سوره فاتحه جو فارسي ترجمو ڪري موڪلي، جيستائين انهن جون زبانون عربي ٻولي تي هرن، تيستائين اهي فارسي ترجمو سوره فاتحه جو پڙهندا هئا)

اهڙي ڳالهہ علامه آلوسي بہ ڪئي آهي (2) پر افسوس جو اهو ترجمو اسان تائين پهچي نہ سگهيو.

ان کان پوءِ قرآن ڪريم جا جيڪي فارسي ترجما يا تفسير لکيا ويا آهن، تن مان ڪجهہ هي آهن:

1- تاريخ التراجم از امام عماد الدين ابوالمظفر شاهپور شافعي (وفات: 471هه)

2- لطائف التفسير از امام بڪر فضل (وفات: 640) (3)

3- تفسير حسيني از ملا حسين واعظ ڪاشفي (وفات: 902هه)

4- تفسير يعقوب چرخي براءِ پاره عم. بار بار ڇپبو رهيو آهي، نهايت مقبول رهيو آهي، ان جو هڪ نادر خطي نسخو جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ذخيره مخطوطات (سنڌ آرڪائيوز ڪراچي ۾ محفوظ آهي، جيڪو 977هه ۾ ٺٽي ۾ هڪ عورت امة الله حبيبه سلطان بنت محمد قاسم المحدث ڪتابت ڪيو ۽ ان جي تصحيح سندس والد صاحب ڪئي، 4)

5- مشڪلات القرآن فارسي تفسير قرآن از فضل جيش ابراهيم (وفات: 669هه) (5)

6- فارسي ترجمه قرآن مجيد از احمد بن علي محمد (ڪتابت سال 700هه) (6)

7- البصائر تفسير فارسي از شيخ ظهير الدين نيشاپوري (سال ترجمه: 577هه) (7)

8- هوڏانهن شيخ سعدي ڏانهن منسوب هڪ فارسي ترجمه قرآن قاضي عزيز الله مٽياري جي سنڌي ترجمه سان گڏ هندوستان ۾ ڇپيو هو. پر ان بابت محققن کي شڪ آهي تہ اهو ترجمو سعدي جو آهي بہ يا نہ.

اهي تہ هيٺا اهڙا فارسي ترجما ۽ تفسير جيڪي برصغير کان ٻاهر لکيا ويا. برصغير ۾ جيڪي فارسي ترجما ۽ تفسير لکيا ويا، انهن مان چند هي آهن:

1- ترجمه فارسي قرآن از مخدوم جهانيان جهان گشت (وفات 785هـ) جنهن لاءِ ڊاڪٽر محمد ايوب قادري لکيو آهي تہ اهو مخدوم صاحب ڏانهن منسوب آهي، البت اهو مڪمل نہ آهي (8)

2- تفسير بحر مواج از علامه شمس الدين دولت آباد (نائين صدي هجري) (9)

3- تفسير حضرت شاهي (معالم الاسرار از حڪيم محمد احسن ومولانا محمد باقر الدين چشتي (10)

4- فتح الرحمـٰن، ترجمه وفوائد فارسي قرآن از شاه ولي الله دهلوي (وفات 1176هـ)

ترجمه فارسي از مخدوم سرور نوح هالائي (وفات: 1198هـ)

علامه قاسمي صاحب جي تحقيق مطابق قرآن مجيد جو هي ترجمو برصغير ۾ پهريون مڪمل فارسي ترجمو آهي (11) ڇو تہ هن کان اڳ بيان ڪيل ترجما يا تہ برصغير کان ٻاهر جا تيار ڪيل آهن يا برصغير جا آهن پر محض ترجما نہ آهن، بلڪ تفسير آهن ۽ جيڪي ترجما آهن سي مڪمل ڪين آهن.

قرآن مجيد جي هن لاجواب فارسي ترجمه قرآن جون خصوصيتون تہ گهڻيون آهن پر ڪي خاصيتون هيٺ بيان ڪجن ٿيون:

1- حروف مقطعات (جيڪي ڪن سورتن جي منڍ ۾ آيل آهن مثلاً الٓمٓ ڪٓهٰيٰعٓصٓ وغيره جو مختصر تفسير بہ ترجمه دوران ڪري ٿو ڇڏي. مثلاً سوره بقره جي منڍ ۾ آيل الٓمٓ جو ترجمو ڪندي لکي ٿو: منم خداي که مي دانم (انا الله اعلم) يعني مان اهو خدا آهيان جو ڄاڻان ٿو. اها ڳالهہ اهڙي آهي، جنهن کان اڪثر تفسير ۽ ترجما وانجهيل آهن.

2- ڪنهن ڏکئي هنڌ کي حل ڪرڻ خاطر ترجمه دوران بين السطور ڪجهہ لکي ٿو ڇڏي جيئن قرآن سمجهڻ لاءِ ٻئي ڪنهن تفسير ڏسڻ جي ضرورت نہ پوي.

3- هي تفسيري ترجمو آهي، لفظي ترجمو نہ آهي. مثال طور سوره فاتحه ۾ الرحمـٰن الرحيم جو ترجمو ڪندي لکي ٿو: روزي دهنده، رحمت کننده يعني اِهو روزي/ رزق ڏيندڙ، رحمت ڪندڙ آهي. جڏهن تہ رحمـٰن جي لفظي معنيٰ عام طور "نهايت مهربان" ڪئي ويندي آهي، پر مخدوم نوح صاحب ٻڌائڻ چاهي ٿو تہ اتي سندس مهرباني مان مراد روزي ڏيڻ واري مهرباني آهي.

4- اڪثر سورتن جي منڍ ۾ بسم الله الرحمـٰن الرحيم جو ترجمو سوره جي مضمون جي اعتبار سان ٻيو ٻيو ڪري ٿو مثلاً:

سوره فاتحه: ابتدا مي کنم بنام خداي روز دهنده، رحمت کننده.

سوره بقره: بنام خداي رحمت کننده عام در دنيا بروزي ودر عقبيٰ بمغفرت وفيروزي.

اها اهڙي نواڻ آهي، جيڪا فارسي تہ ڇا پر ٻين تراجم قرآن ۾ بہ نہ ٿي ملي.

5- فارسي زبان نهايت آسان استعمال ڪيل آهي، جيئن هر ڪو سمجهي سگهي.

6- مختصر تعليقون، وضاحتون، الڳ حاشيه ۾ نہ ڏنيون اٿس، بلڪ ترجمه جي ضمن ۾ ڏئي ويو آهي، جيئن قرآن مجيد جي مفهوم کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

ياد رهي تہ شاهہ ولي الله دهلوي جو طريقو بہ اهو ئي هو. سندس فتح الرحمـٰن جي قديم نسخن ۾ تعليقات ۽ تشريحات ترجمه جي ضمن ۾ ڏنل آهن (راقم الحروف وٽ 1186ھ ۾ لکيل فتح الرحمـٰن فارسي جو هڪ خطي نسخو موجود آهي ان ۾ اثين ئي ٿيل آهي) بعد ۾ طباعت دوران اهي تعليقات، حاشيي تي لکيون ويون.

7- ترجمه ۽ تشريح ڪندي مخدوم نوح رح سلف صالحين جي موقف کي سامهون رکيو آهي ۽ پنهنجي طرفان تاويل / تشريح نہ ڪئي آهي.

نوٽ: ياد رهي تہ مخدوم نوح رح جو فارسي ترجمه قرآن سپ ڪان پهريائين "راز معرفت" جي عنوان سان طالب المولیٰ ڇپرايو هو ۽ صرف پهرئين پاري جي ترجمي تي مشتمل هو. جنهن جي ايڊيٽنگ ۽ مقدمي جو شرف پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان (صدر شعبه اردو سنڌ يونيورسٽي) کي مليو. ٻيو نمبر مڪمل ترجمو سن 1401ھ/ 1981ع ۾ علامه مصطفيٰ قاسمي صاحب جي تحقيق ۽ تقديم سان سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو طرفان شايع ٿيو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن مجيد جا ڪيترا ئي ترجما ۽ تفسير لکيا ويا آهن (راقم الحروف وٽ اهڙا سنڌي ترجما ۽ تفسير پورا ۽ اڻپورا تقريباً 150 کن موجود آهن يا علم ۾ آهن) انهن مان ڪي اهڙا بہ آهن، جيڪي فارسي ترجمه قرآن تان سنڌي ۾ آندل آهن. جن مان شاهہ ولي الله جي فتح الرحمـٰن جو سنڌي ترجمو، علامه قاسمي جن طرفان ڪيل اهم شيءِ آهي. جيڪو سندن آخري تاليف آهي. جنهن جا 3 جلد سوره يوسف تائين مولانا عبيد الله سنڌي جي تفسير سان گڏ شاهہ ولي الله اڪيڊمي طرفان ڇپيا هئا.

ضرورت هئي تہ برصغير جي هن عظيم فارسي ترجمه قرآن (از مخدوم نوح سرور هالائي وفات: 998ھ) جو بہ سنڌي ترجمو ڪيو وڃي. ترجما تہ ٻيا بہ ڪوڙ پر چوندا آهن:

هر گلي را رنگ وبوي ديگري است

(هر گل جو رنگ ۽ خوشبو ٻي ٻي هوندي آهي)

مخدوم صاحب نوح عليه الرحمة جو فارسي ترجمه قرآن جي خصوصيتون جيڪي مٿي بيان ڪيم، انهن خصوصيتن مان فارسي نہ ڄاڻڻ وارا سنڌي تڏهن ئي لاڀ پرائي سگهندا، جڏهن ان تفسير ترجمه قرآن جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو وڃي.

الحمد لله! اها سعادت اسان جي پياري دوست مولانا سعيد احمد پنهنجي ڪي ملي، جنهن ترجمي سان نباهيو آهي ۽ ڪوشش ڪئي آهي تہ هي ترجمو قرآن جي عربي متن جو نہ، بلڪ خود فارسي تفسيري ترجمي جو سنڌي ترجمو بڻجي. مون جيتوڻيڪ سنڌي مڪمل ترجمو تہ نہ پڙهيو آهي، البتہ ڪن چوند جڳهين کي ڏٺو آهي. مجموعي لحاظ سان بهتر آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ قرآن مجيد جو بلڪل صحيح ۽ صاف ترجمو ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. قرآن جا اسرار ورموز ٻين ڌارين ٻولين جي محدود دائري ۾ ڪيئن تا بيان ڪري سگهجن؟ سو درحقيقت هي ترجمو نہ پر هڪ قسم جي ترجماني آهي. مولانا سعيد احمد صاحب مخدومؒ صاحب جي ترجمان بڻجڻ جي جدوجهد ڪئي آهي. الله پاڪ سندس هن سعي ۽ ڪوشش کي قبول ۽ مقبول فرمائي. آمين

محمد ادريس السندي

قاسميه لائبريري ڪنڊيارو

ضلع نوشهروفيروز

22 ذي القعده 1428

حوالا ۽ سمجھاڻيون

(1) علامه سرخسي "المبسوط" عربي ج1 طبع مصر 37

(2) علامه آلوسي "روح المعاني" ج 2 طبع ص 50

(3) ماهنامه "الولي" اردو حيدرآباد جلد 3 شمارو 11-12

(4) ڏسو خزينة المخطوطات ج1 طبع سنڌي ادبي بورڊ ص300

(5) ماهنامه الولي اردو حيدرآباد ج5 ش 11-12

(6) حوالو ساڳيو

(7) حوالو ساڳيو

(8) ڊاڪٽر محمد ايوب قادري. ڪتاب مخدوم جهانيان جهان گشت اردو ص 228

(9) راقم الحروف وٽ ان جو هڪ قلمي نسخو موجود آهي. محمد ادريس سومرو

(10) جنهن لاءِ علامه قاسمي صاحب فهرست ڪتبخانه آصفيه جي حوالي سان لکيو آهي تہ اهو تفسير ڇپيل آهي. ڏسو سندس مقدمه فارسي ترجمه مخدوم نوح عليه الرحمة طبع سنڌي ادبي بورڊ 1401هه ص 13

(11) حوالو ساڳيو ص 14.